Kifayat's


COMPREHENSIVE

ENGLISH TO ENGLISH & SINDHI DICTIONARY

A ٻ Y ڦ
ڄ ۾ B ڃ

KIFAYAT

Abdul Rasheed Memon



Mr. Abdul Rasheed Memon was born at Khahi Kundha, District Naushahro Feroze, Sindh on 18th August 1943 to an illustrious family dedicated to academic / educational and commercial pursuits.

An adroit, dexterous and astute individual with an amicable disposition, Mr. Memon after having passed his Matriculation Examination from D.C. High School, Tharushah, successfully completed his education by acquiring three Masters Degrees outstandingly in the first three positions in the subjects of Economics, Political Science and International Relations. Added to this rare academic accomplishments is the Bachelors degree in Law.

cont'd...... on back flap

VOL. 3

S

S, s (ايس) the nineteenth letter of the modern English alphabet, seventeenth in Roman, a consonant, its usual sound a voiceless sibilant (ie pronounced s), but voiceless palato-aleveolar fricative; any mark or object of the form of the letter; as a medieval Roman numeral, S = 7 or 70, لفظ ايس، انگريزي الفابيٽ جو اڻويهون اکر.

Saam, Saame, Sabme, Sabmi or **Sami** (سَامي) **n. adj.** a Lapp; Lappish. لئپ (قوم جو) باشندو، لئپ قوم جهڙو.

saanen (سانن) **n.** a Swiss breed of white, short-haired goat; a goat of this breed, ننڍن وارن واري ٻڪريءَ جي جنس، سئٽزرلئنڊ جي ٻڪري (عام طور اڇي رنگ واري).

sab (سَب) **n.** a saboteur, دهشت گرد.

Saba (سابا) **n.** Sheba, ancient people of Yemen, يمن جا پراڻا باشندا، شبا قوم، حضرت سليمان عليه السلام جي زماني ۾ يمن ملڪ جي راڻي يا ملڪه.

sabadilla (سَبيڊيلا) **n.** seeds of a liliaceous plant, yielding the alkaloid veratrine, بصر جهڙي ٻوٽي جا ٻج، بصر جهڙو ڳنڍ دار ٻوٽو.

Sabahan (سباهَن) **n.** a citizen or inhabitant of Sabah, a Malaysian state (formerly North Borneo), ملائيشيا ملڪ جي صبا صوبي جو رهاڪو يا باشندو.

Sabaism (سَيبي ازم) **n.** worship of the heavenly bodies. (Heb), ستارن جي پوڄا، تارن جي پوڄا، گرهن جي پوڄا، سيارن جي پوڄا.

Sabal (سيبَل) **n.** an American genus of palms, the palmettos, آمريڪا جو کجي جنس ٻوٽو، تيل وارو ميوو ڏيندڙ وڻ، ننڍي کجي (ٻوٽو)، تيلي پام ٻوٽو.

Sabaoth (سَبوٿ) **n.pl.** armies, hosts; used only in the phrase 'Lord of Sabaoth, لشڪر، لوجوان، سنائون، فوجون.

sabaton (سَباٽن) **n.** a foot-covering, esp square- or round-toed, worn as part of a suit or armour; a shoe or half-boot made of cloth, etc. جوتو، بوٽ، پير ۾ پائڻ لاءِ لوهي بوٽ، ڪپڙي جو بوٽ، سپاٽو.

Sabbatarian (سبيٽيرين) **n. adj.** a person who strictly observes Saturday as Sabbath; a person who believes in or practices observance, or strict observance of the Sabbath (Saturday or Sunday), سبت پرستي، سبت پسندي، يهودين جو مقدس ڏينهن، سبت، (ڇنڇر يا آچر) موڪل ڪرڻ وارا ڏينهن، ڇنڇر ڏينهن موڪل ڪرڻ وارا ماڻهو.

Sabbath (سَبت) **n. adj.** (among the Jews) Saturday, set apart for rest from work; a day of rest; (among most Christians) Sunday; sometimes also used for the Muslim day of rest, Friday; a sabbatical year of the Jews; a witches midnight meeting; regarding or appropriate to the Sabbath, يهودين ۾ ڇنڇر ۽ عيسائين ۾ آچر جو ڏينهن يوم سبت آهي، سبت، يوم السبت، آرام جو ڏينهن، اهو ڏينهن جيڪو عبادت الاهي ۽ آرام ۾ گذري، سبتي، سبت پرست، هفتي جو آخري ڏينهن، موڪل جو ڏينهن، جُمي جو ڏينهن، ڏائڻين جي گڏجاڻيءَ واري رات، قرآن مطابق هڪ ڪي ڇنڇر ڏينهن مڇيون پڪڙڻ کان جهل ٿيل هئي.

sabbatic or **sabbatical** (سَبيٽڪ آر سَبيٽيڪل) **adj.** pertaining to, the Sabbath; enjoying or bringing rest; on or pertaining to leave from one's work; a period of leave from one's work, esp for teachers and lecturers, and to undertake a separate or related project, سبتي، يوم سبت متعلق، آرام وارو ڏينهن، جنهن ڏينهن موڪل هجي، موڪل جو ڏينهن، عام ڪم کان سواءِ ٻئي ڪم لاءِ وقت.

sabbatical year (سَبيٽيڪل يئر) **n.** every seventh year, in which the Israelites allowed their fields and vineyards to rest; a year off, for study, travel etc, سبتي سال، سال سبت، سال آزادي يعني هر ستين سال بني اسرائيل کي

حڪم هو تہ پنهنجن علائقن ۾ مقروضن کي آزاد ڪن ۽ زمين کي کيڙڻ ۾ پوکڻ بند ڪري ڇڏين، موڪل يا آرام جو سال، پڙهڻ جو سال، گهمڻ ڦرڻ جو سال.

sabella (سبيلا) **n.** a worm of the genus of tube-building sea-worms, هڪ ريگ باش، واريءَ ۾ رهندڙ ڪيڙو، هڪ قسم جو سامونڊي جيت.

Sabellian[1] (سبيلين) **n.** ancient peoples and languages, قديم ماڻهو ۽ قديم زبانون.

Sabellian[2] (سبيلين) **n., adj.** a follower of Sabellius, a Libyan priest of the 3rd Century AD; who taught that Father, Son and Holy Ghost are one and the same God in different aspects, سبيليس جو پوئلڳ، لبيا جو عيسائي راهب جنهن جو متو عام عيسائيت کان هٽي ڪري اهو هو تہ الله تعاليٰ، حضرت عيسيٰ عليه السلام ۽ حضرت جبرئيل هڪ ئي الله جا مختلف روپ آهن.

Sabian, Tsabian or **Zabian** (سيبين، زيبين) **n.** an adherent of a religion or a group of religions mentioned in the Quran as entitled to toleration, prob related to the Mandaeans, صابئي، تارن جي پوڄا ڪرڻ وارو فرقو جنهن جو ذڪر قرآن شريف ۾ اچي ٿو ۽ اهو ناجي آهي.

sabin (سَبن يا سيبن) **n.** a unit of acoustic absorption, equal to the absorption, considered complete of 1 sq ft of a perfectly absorbing surface, آواز جي برداشت جو ايڪو، آواز روڪ ماپ ايڪو.

Sabine's gull (سَبينز گل) **n.** a small gull, with a forked tail, grey and white plumage with black outer feathers on the wing-tips, and a black, yellow-tipped bill, گل پکي، سامونڊي پکي، ڪارن کنين، ڪاري ۽ پيلي چهنب وارو سمنڊ جي ڪناري تي ملندڙ پکي، سابيني ڪينا.

Sabine's vaccine (سَيبنز وئڪسين) **n.** a live-virus poliomyelitis vaccine taken orally, پوليو جا قطرا، پوليو روڪ ٽڪن واري دوا.

sabkha, sabkhah or **sabkhat** (سَبڪا، سَبخا يا سَبخت) **n.** a broad, salt-encrusted coastal plain, above the level of normal tides and subjected to only occasional flooding, common in Arabia (Ar), سامونڊي لوڻياڻي زمين، پوٺو، لوڻ ڪاڻ، سامونڊي ڪناري واري زمين.

sable[1] (سيبل) **n. adj.** an arctic and subarctic weasel ormarten, of N Asia; its lustrous dark brown fur; a paintbrush made of its hair; made of sable fur, اتر قطب جو ڪاري پشم وارو نور پلي جنس جانور، برفاني ڪستوري نور، نور بلي جنس جانور جي وارن پريل ڪل.

sable[2] (سيبل) **n & adj.** black; dark; a sable antelope; mourning garments; to darken, ڪارو، ڪارو لباس، ماتمي ڪپڙا، نوربلي جنس جانور، ڏکڻ آفريڪا جو ڪارو هرڻ، ڪاريهر هرڻ، ڪارا ڪپڙا، ڪارو ڪرڻ، اونداهو ڪرڻ.

sable antelope (سيبل انٽيلوپ) **n.** a large predominantly black antelope of S and E Africa with long, ringed backward-curving horns. (Fr), مرگهہ سياهہ، ڪارو هرڻ، آفريڪا جو وڏو ڪارو هرڻ، گولائيءَ ۾ مڙيل سڱن وارو هرڻ، ڪاريهر، ڏکڻ آفريڪا جو وڏو ڪارو هرڻ، سيبل هرڻ.

sabot (سَبو) **n.** a wooden shoe or clog worn by the French or continental peasantry; an attachment to guide a projectile through the bore of a firearm, ڪاٺ جا جوتا (جيڪي فرانس ۾ بيلجم جا شڪاري پائيندا آهن)، چاڪڙي، ڪاٺ جي چپل، بندوق جي ناليءَ جو پرزو.

sabotage (سَبوٽيج) **n.** malicious or deliberate destruction or damage of machinery, by workers on strike or rebels; action taken to prevent the fulfilment of any plan, aim, (Fr). ٽوڙ ڦوڙ ڪرڻ، رٿيل ڪم ڦٽائڻ، شرارت ڪرڻ، شرارت انگيزي، شرارت ڪري ڪم خراب ڪرڻ، پچ ڊاهہ ڪرڻ، دهشت گردي ڪرڻ، افراتفري مچائڻ.

sabotier (سَبوٽير) **n.** a wearer of wooden shoes; a Waldensian (Fr), ڪاٺ جي جتي پائيندڙ، چاڪڙيون پائيندڙ.

sabra (صابرا) **n.** a native-born Israeli, not an immigrant, اسرائيلي، فلسطين ۾ ڄاول يهودي، عرب يهودي.

sabre or **saber** (سيبر) **n, vt.** a curved single-edged sword; a cavalry sword; a light sword used in fencing; a cavalry soldier armed with a sabre; to wound or kill with a sabre, تلوار، شمشير، شمشير زن، شمشير بردار سپاهي، کنو، سيف، رالد يا مقابلي واري تلوار، تلوار هلائڻ، تلوار سان وار ڪرڻ، قتل ڪرڻ، ختم ڪرڻ، زخمي ڪرڻ.

sabre-rattling (سيبر رئٽلنگ) **n.** an aggressive display of military power, military bluster intended to intimidate, طاقت يا تلوار جو مظاهرو ڪرڻ، فوجي ڪارروائي، زخمي ڪرڻ.

sabretache (سَبرٽش) **n.** a flat leathern bag slung from a cavalry officer's sword-belt (Fr), ٿيلهو جيڪو رسالي جو آفيسر تلوار جي پٽي سان گڏ لڙڪائيندو آهي.

sabre-tooth (سيبر ٽوٿ) **n.** any extinct feline carnivore of the Tertiary period, the sabre-toothed tiger with extremely long upper canine teeth, شروعاتي، اڳين وقت جا گوشت خور جانور، پن وڏن ڏندن وارو جانور، گوشت خور جانور، شڪاري جانور، خنجر ڏندو واگهہ، شينهن يا وڏو بلو.

sabre-wing (سيبر ونگ) **n.** a humming-bird of a group with bent outer primaries in the male , پکيءَ جو قسم، آمريڪي ڇيهو پکي، رس چوسيندڙ پکي، شڪر خورو.

sabulous or **sabulose** (سَبيولس) **adj.** sandy; gritty; (of plants) growing in sandy places, وارياسو، ريگ رو، ريگستاني، ريتيلو، واريءَ وارو، ريگستاني ٻوٽو.

saburra (سابورا) **n.** a granular deposit, as in the stomach. ريگي مادو، ريگ مادو. واريءَ جو دڙو.

saburration (سابوريشن) **n.** the application of hot sand as a treatment. گرم رملي علاج، گرم واريءَ سان ٽڪور يا تاڪور ڪرڻ.

sac[1] (سئڪ) **n.** a bag; a pouch or baglike cavity or structure. ٿيلهي، ڳوٿري، خانو، آبل، ٿلوڪڙو، ٿرڙي، ٿوڦيندو، اوچيندو

sac[2] (سئڪ) **n.** the conveyance to a lord of manor of certain rights of jurisdiction, eg holding courts, زميندار حق، جاگيردار جا هارين مٿان حق، قانوني حق.

sacaton (سئڪاٽون) **n.** a coarse perennial grass growing in alkaline regions of the Southern US, used for making hay. گاهه جو قسم، نمڪين زمين ۾ ٿيندڙ گاهه وارو ٻوٽو، سڄو سال رهندڙ گاهه.

saccade (سئڪاڊ) **n.** a brief rapid lateral movement of the eyes as it switches swiftly from one fixation point to another, in reading; a short rapid tug on a horse's reins; any short jerky movement. اک ڦيرائڻ، تڪڙي اک وجهڻ، نظر مان ڪڍڻ، گهوڙي جي واڳ کي هلڪي ڇڪي ڏيڻ، سٽ ڏيڻ، اک ڇنڻ.

saccadic (سئڪاڊڪ) **adj.** jerky; consisting of or pertaining to saccades. سٽ، ڇڪ، ڇڪ، ڇڪي ڏئي هلائڻ، جهوٽو ڏيڻ، ڌڪڻ.

sacchar-, sacchari- or **saccharo-** (سئڪر، سئڪري، سئڪرو) combining form : denoting - sugar. کنڊ، مٺو مادو، مٺاڻ، شير ، قند.

saccharate (سئڪ هرٽ، سئڪريٽ) **n.** a salt of saccharic acid. کنڊ اٽو لوڻ.

saccharated (سئڪريٽيڊ) **adj.** sugared, sweetened. مٺو، مٺو ڪيل، مٺاڻ.

saccharic (سئڪَرڪ) **adj.** of or obtained from saccharic acid, saccharin, or a saccharine substance. کنڊ، شڪر، قند، کنڊ متعلق.

saccharic acid (سئڪرڪ ايسڊ) **n.** an acid (COOH $(CHOH)_2COOH$), obtained by oxidation of sugar. کنڊ جو تيزاب، شڪري تيزاب.

saccharic ester (سئڪرڪ ايسٽر) **n.** an ester obtained from saccharic acid. کنڊ جزو، کنڊ مان حاصل ڪيل تيزابي مادو

saccharide (سئڪرائيڊ) **n.** sugar; a carbohydrate; a compound with sugar. کنڊ، مٺاڻ، مٺاس، شڪري، نشاستو، مستي.

sacchariferous (سئڪريفيرس) **adj.** sugar-yielding. کنڊ دار، کنڊ بردار، کنڊ ڏيندڙ.

saccharify (سئڪري فاءِ) **vt.** to convert or break down into sugar or sugars. کنڊ ناهڻ، قند ۾ بدلائڻ.

saccharimeter (سئڪريميٽر) **n.** an instrument for testing the concentration of sugar solutions. کنڊ پيما، کنڊ پرکڻو، شڪر پيما، کنڊ ماپڻ جو اوزار.

saccharin or **saccharine** (سئڪرين) **n.** an intensely sweet, white crystalline semi-soluble compound ($C_6H_4COSO_2NO$) used as an artificial sweetener; sickly sweetness. ڪوئلي مان نڪتل کنڊ، ڊامر مان ٺهيل کنڊ، معدني کنڊ، کنڊ جوهر، کنڊ جهڙو مادو، سيڪني، سيڪرين.

saccharine (سئڪرين) **adj.** pertaining to or of the nature of sugar; sugary; containing or of the nature of sugar or saccharine. کنڊ جو، مٺو، کنڊ، مٺاڻ، شڪر، سيڪني، معدني کنڊ، سيڪرين، قند

saccharoid or **saccharoidal** (سئڪيروئڊ، سئڪرائيڊل) **adj.** like loaf-sugar in texture, applied to marbles and quartzites of fine to medium grain with closely interlocking crystals. کنڊ نما، کنڊ جهڙو، داڻي دار.

saccharometer (سئڪروميٽر) **n.** a hydrometer or other instrument for measuring concentration of sugar solutions. کنڊ پيما، کنڊ پرکڻو، مٺاڻ پرکيندڙ اوزار.

saccharomyces (سئڪرو مائسيس) **n.** the yeast genus of ascomycete fungi. خمير، کنڊاؤن خمير، مٺاڻ وارو خمير مادو.

saccharose (سئڪروز) **n.** a chemical name for crystalline sugar; cane sugar; a carbohydrate. نشاستو، ڪمند جي کنڊ، ڪمند جي مٺي رس، مٺاڻ وارو مادو.

saccharum (سئڪرم) **n.** the sugar-cane genus of grasses; cane sugar or its invert form. جنس ڪمند، ڪان گاهه، منج گاهه، کنڊ، مٺاس.

sacciform or **saccular** (سئڪي فارم) **adj.** saclike. ٿيلهيءَ جهڙو، ٿيلهيءَ نما، ڳوٿري جهڙو، ٻوريءَ نما.

sacculate or **saculated** (سئڪيوليٽ) **adj.** formed in a series of sac-like enclosures; enclosed in a sac. ٿيلهي دار، ٿيلهيءَ شڪل.

saccule or **sacculus** (سئڪيول يا سئڪيولس) **n.** a small sac, the smaller of two sacs in the vestibule of the ear. ننڍڙي ٿيلهي، ڪن جي ٻن ٿيلهين مان ننڍي ٿيلهي.

sacculiform (سئڪيوليفارم) **adj.** in the shape of a small sac. ٿيلهيءَ شڪل، ٿيلهيءَ نما.

sacellum (ساسيلم) **n.** a tomb or monument in the form of a chapel within a church; a little chapel; a roofless temple consecrated to an ancient Roman deity. چرچ اندر موجود مقبرو، ننڍي ديول، بنا ڇت واري گرجا يا ديول، يادگار.

sacerdotal (سَسارڊوٽل) **adj.** pertaining to priests or priesthood; priestly; sacerdotalist, مذهبي اڳواڻن جي پاڪائي، پوترتا، روحانيت، پاڪ، پادرين جو.

sacerdotalism (سَسارڊوٽلزم) **n.** the spirit, principles of the priesthood; devotion to priestly interests; priestcraft; excessive influence of priests over people's thoughts and actions, روحانيت، ملائيت جا اصول، ملائيت ڏانهن لاڙو، ملن جي سڪيا، مذهبي اڳواڻ، مذهب جو شوق رکندڙ چالو، عام ماڻهن تي ملن جو اثر.

sachem (سيڪم) **n.** a N American Indian tribal chief, a sagamore; a political leader, esp one of the officials of Tammany Hall, اتر آمريڪا جي اصلوڪن باشندن جو سردار، سياسي اڳواڻ.

sachet (ساشي) **n.** a small plastic envelope or bag, containing a liquid, cream, or shampoo; a small bag containing pot-purri or other scented material; a bag for holding handkerchiefs, etc (Fr), ٿيلهي، ڳوٿري، عطر جي ٿيلهي، رومال رکڻ جو ٿيلهو يا ڳوٿري.

sack[1] (سَئڪ) **n, vt.** a large bag made of coarse fabric, thick paper; as much a sack can hold; a sackful; a varying large measure of capacity; a woman's loose-fitting dress; dismissal from employ-ment; a form of the death penalty by which the criminal was condemned to be put in a sack and drowned; bed; an instance of sacking; to put into a sack; to dismiss from employment, ڳوڻ، بوري، بوچڪ، زنانو ڪوٽ، بورين ۾ پرڻ، بورو، باردانو، بوجهو، باچڪو، ٿيلهو، نوڪريءَ مان ڪڍڻ، موقوف ڪرڻ، موت جي سزا (جنهن ۾ ڏوهيءَ کي ڳوڻ ۾ وجهي پاڻيءَ ۾ ٻوڙي مارجي)، ڪڍي ڇڏڻ، برخاست ڪرڻ، نوڪريءَ مان ڪڍڻ.

sack[2] (سَئڪ) **n.** plundering or devastation (of a town or city); pillage of a city; a plunder; to pillage, تباهي، بربادي، تباهه و برباد ڪرڻ، لٽڻ، لٽ، ڦر مار ڪرڻ، لٽ ڦر.

sack[3] or **sacque** (سَئڪ) **n.** a woman's loose-fitting gown; a sort of jacket; a train of silk hanging from the shoulders of such a gown; a woman's hip-length coat with a loose-fitting back, زنانو ڪوٽ، ڍلو لباس، عَبا، ڪليل ۽ ويڪرو ڪوٽ جهڙو زنانو لباس.

sackcloth (سَئڪ ڪلاٿ) **n.** a coarse cloth used for making sacks; coarse material, formerly worn in mourning or penance, ڳوڻ جو ڪپڙو، ٽپڙ، بوريءَ ڪپڙو، بوجهي وارو، ٽاٽ، ڪتان، ڳوڻ.

sackful (سَئڪفل) **n.** as much as a sack will hold; a large quantity, پريل ڳوٿري، پريل ڳوڻ، گهڻو تعداد.

sacking (سَئڪنگ) **n.** coarse cloth used in making sacks; sackcloth, ڳوڻ ٺاهڻ جو ڪپڙو، سڻي، ٽاٽ، ڪتان.

sackless (سَئڪليس) **adj.** innocent; guileless; feeble; dispirited, صاف دل، معصوم، بي ڏوهي، لردوش، ڀالو ڀولو، اپامڙو، ابهم، ڪمزور، ضعيف، لاغر، بي دل، بي همت، دل شڪستو.

sackposset (سَئڪپوسيٽ) **n.** posset made with sack, ڪتان ۾ جمايل کير، ڏونرو.

sack-race (سَئڪريس) **n.** a race in which each runner's legs are encased in a sack, ڳوڻ ۾ پير وجهي ڊوڙڻ، ڳوڻ ڊوڙ.

sack-tree (سَئڪ تري) **n.** the upas (from the use of its inner bark to make sacks), وڻ جنهن جو چوڏو بورين ٺاهڻ ۾ ڪم اچي.

sacral (سَئڪرل) **adj.** of or relating to sacred rites, belonging to the sacrum. هڏي لاڳو، هڏي سان لاڳاپو رکندڙ، مذهبي رسمن جي باري ۾.

sacralgia (سَئڪرلجيا) **n.** pain in the sacrum or region of the sacrum, ڏڏ جي هڏيءَ ۾ سور، ٽڪندي هڏي جو سور.

sacralization (سَئڪرلائيزيشن) **n.** abnormal fusion of the sacrum with the fifth lumbar vertebra, ٽڪندي هڏي سازي.

sacrament (سَئڪرا مينٽ) **n.** a solemn religious rite variously regarded as a channel to and from God; a symbol of something spiritual or secret; a sign, token or pledge of a covenant; a religious mystery; a pledge deposited by each party to a suit; a solemn oath; an oath of purgation; materials used in a sacrament, ڌرمي ڪريا ڪرم، قسم، پوتر پوڄن، عهد مذهبي رسم، حلف، برڪت، عهدو پيمان، پوتر سنسڪار، رباني يا پاڪ شيون، مذهبي رسمن ۾ ڪم ايندڙ سامان، ڪورٽ آڏو معاملي ۾ ڌرين طرفان ڏنل حلف يا قسم ناما، قسمي.

sacramental (سَئڪرا مينٽل) **adj, n.** constituting or pertaining to a sacrament; an act or object which may transmit or receive grace, پاڪ رسم متعلق، الله جي رحمت متعلق، دعا، دعا گهرڻ.

sacramentalist (سَئڪرا مينٽلِسٽ) **n.** a person who attaches importance to the spiritual nature of the sacraments, مذهبي رسمن کي الهامي ڪري سمجهندڙ، انهن کي مڃيندڙ.

sacramentarian (سَئڪرامينٽيرين) **n.** a person who holds a high or extreme view of the efficacy of the sacraments; someone who does not accept the real presence in the sacrament of the Lord's Supper, اهو عيسائي جيڪو رومي ڪليسا جي طريقي تي نه هلي، مذهبي معاملن ۾ پنهنجي عقيدي وارو، عيسائي جنهن جو عقيدو هجي ته صليب تي

چڙهڻ وقت حضرت عيسيٰ عليه السلام جسماني طور تي موجود نه هو.

sacramentary (سئڪرا مينٽري) **adj.** pertaining to the sacraments; sacramentarian; a book containing the prayers and ceremonies used at the celebration of the sacraments; a person who denies the doctrine of the real presence, پوتر سنسڪاري معاملن متعلق. پاڪ شين يا الله جي نشانين متعلق. ڌرمي ڪريا ڪرم. حضرت عيسيٰ عليه السلام جي صليب تي چاڙهڻ جي متي جو مخالف.

sacrarium (سئڪريريم) **n.** a place where sacred objects were kept, either in a temple or house; the sanctuary of a church; the piscina, گهر اندر پاڪ جاءِ جتي پاڪ شيون رکيون وڃن ٿيون. ديول جو حصو. مڇي پالڻ جو تلاءُ. وهنجڻ جو حوض.

sacred (سئڪرڊ) **adj.** consecrated; devoted; set apart for religious or holy purpose, esp to God; holy; emanating from God; religious; entitled to veneration or worship; not to be violated, breached; accursed, پوتر. پاڪ. مقدس. مُتبرڪ. خدا پاڪ کي ارپيل.

sacred ape (سئڪرڊ ايپ) **n.** the hanuman of India, هنومان لنگور. هنومان پولو. هنومان ديوتا (لنگور صورت پولو).

sacred beetle (سئڪرڊ بيٽل) **n.** an Egyptian scarab, چيٺي ننڍ ٿي.

sacred cat (سئڪرڊ ڪئٽ) **n.** the house cat of Egypt, sacred to Pasht or Bast, مصر جو گهريلو ٻلو يا ٻلي. مقدس گهريلو ٻليون جيڪي فرعوني دور ۾ مقدس سمجهيون وينديون هيون

Sacred College (سئڪرڊ ڪاليج) **n.** the body of cardinals of the Roman Catholic Church, مذهبي ادارو. عيسائيت جي تعليم ڏيندڙ ادارو. عيسائي مدرسو.

sacred cow (سئڪرڊ ڪائو) **n.** an institution, custom, so venerated that it is above criticism, اهڙو ادارو جنهن تي تنقيد ڪرڻ کان منع ٿيل هجي. تنقيد کان مٿاهون (فوج عدالت). مقدس گاءِ.

sacred fish (سئڪرڊ فش) **n.** oxyrhyncus, مصرجي مقدس مڇي.

sacred mushroom (سئڪرڊ مشروم) **n.** any of various hallucinogenic mushrooms, of the genus Psilocybe of N and S America and Amanita of Europe and Asia, used in religious rituals and ceremonies; a mescal button used in a similar way, نشي وارين ڪنين جي جنس. مذهبي موقعن تي ڪم ايندڙ ڪنيي. مقدس ڪنيي.

sacrifice (سئڪريفائس) **n, vt.** the offering or slaughter of an animal, person on an altar, to God; any offering, tangible or symbolic, to God or divinity; destruction; surrender or foregoing of anything valued for sake of anything else, esp a higher consideration; loss sustained by selling something at less than its value; a victim offered in sacrifice; to offer up in sacrifice; to make a sacrifice of; to give up, surrender, for a higher good or for mere advantage; to make a victim of; to sell at a loss; to allow to come to destruction or evil; to offer sacrifices, بليدان چاڙهڻ. صدقو ڪرڻ. قرباني. نياز. نذر. ايثار. نقصان. فدا. ميڌ. ٻيٽ. هرج. گهور چاڙهڻ. هرج سهڻ. سهسائڻ. بلهار. صدقو ڪرڻ. قرباني ڪرڻ. تباهي. بربادي. وناس. فنا. گهات. پائمالي. تباهي. ستيا ناس. قربان ڪرڻ. هڪ شيءِ حاصل ڪرڻ خاطر ٻيءَ تان هٿ ڪڻڻ. خريد کان سستو ڪري وڪڻڻ. نقصان سهڻ. ٽوٽو ڪڻڻ. قربانيءَ جو ٻڪرو. ڇڏڻ. هٿ ڪڻڻ. بهتريءَ جي آسري ۾ ڇڏڻ. ناس ٿيڻ.

sacrificial (سئڪريفشل) **adj.** pertaining to sacrifice; (of an object or substance) protecting another from corrosion by its own exposure to and damage by the corrosive, قربانيءَ جو. نياز جو. خيرات جو. قرباني ڪرڻ. صدقو ڪرڻ. قربان ڪرڻ. فدا ٿيڻ.

sacrilege (سئڪريلج) **n.** violation, profanation or disregard of anything holy; the outrage of breaking into a place of worship and stealing from it; extreme disrespect for anything generally regarded as worthy of extreme respect, پوڄا جي شين کي ناپاڪ ڪرڻ. بي حرمتي ڪرڻ. مقدس جاءِ ۾ چوري ڪرڻ. پرشٽتا. ڌرم النگهڻ. پوتر شين جي چوري يا بي حرمتي ڪرڻ.

sacring (سيڪرنگ) **n.** the act or ritual of consecration, نذر نياز. وقف ڪرڻ. صدقو ڪرڻ.

sacrococcygeal (سيڪروڪاڪسيجيل) **adj.** relating to the sacrum and the coccyx, ڏونگريءَ بابت. ڏُمچي لاڳو.

sacrocostal (سيڪروڪاسٽل) **adj.** connected with the sacrum and having the character of a rib, ٽڪنڊي پاسرائيءَ جهڙو هڏو. پاسريءَ جي هڏيءَ جهڙو.

sacroiliac (سڪرو ايليڪ) **adj. n.** relating to the articulation of the sacrum and ilium; this joint, ڍاڪ جي جوڙ جي ٻاري ۾. ڍاڪ جي جوڙ وانگر ڦرندڙ. ڍاڪ جو جوڙ يا سنڌ.

sacroilitis (سيڪروائلائٽس) **n.** inflammation of the sacroiliac joint, ڏونگري جي جوڙ جو سور. ڍاڪ جو سور.

sacrosanct (سئڪروسنڪٽ) **adj.** sacred and inviolable, protected by sacred or quasi-sacred rules, مقدس. پاڪ. عظيم. تمام پاڪ. جيڪو ناپاڪ نه ٿي سگهي.

sacrum (سيڪرم) **n.** a triangular bone composed of five fused vertebrae wedged between the two innominate bones, so as to form the keystone of the pelvic arch in humans, ڏونگري هڏو. ڏڏ. چٽڙ جو هڏو.

پولهه هڏو، لڪندي هڏي، ڍاڪ جو هڏو.

sad (سَڊ) **adj.** sorrowful; deplorable; (of baking) heavy, stiff, doughy; sober, dark-coloured; serious, earnest, grave; staid, sedate; steadfast, contrast; heavy; sated, غمگين، اداس، دلگير، مغموم، مَلول، اٻالڪو، ڏجهارو، ڏک ڀريو، ڏک جو، ڪولڊريو، ڏکدائڪ، ڏکي، غمناڪ، افسوسناڪ، ڏک جهڙو، گران، تفصيل، دير هضم، سخت، ڏاڍو، مشڪل، ڦيڪو، پرهيز ڪار، ڳنڀير، ديرينو، انديش ناڪ، اتساهي، سرگرم، سانتيڪو.

sadden (سَڊن) **vt, vi.** to make sad, to become sad; to grow sad. اداس ڪرڻ، اداس ٿيڻ، دلگير ٿيڻ، مغموم ٿيڻ، غمگين ڪرڻ.

saddle (سَڊل) **n, vt.** a seat for a rider on a horse, bicycle; a pad for the back of a draught animal; anything of similar shape eg a mountain col between two peaks; that part of the back of an animal on which the saddle is placed; a mark on that part; a butcher's cut including a part of the backbone with the ribs; the rear part of a male fowl's back; a worm's clitellum; the part of a lathe that slides on the bed; to encumber; to impose upon someone as a burden or encumbrance; to ride or mount a horse or bicycle, زين، هنو، سنج، پاکڙو، سنجڻ، پلاڻڻ، بار رکڻ، گدو، پلو، لاڻ، ڪانو، زين پشت، تڪلتون، غاشو، گاشو، رڪاب، بوجو، سواري ڪرڻ، سائيڪل يا گهوڙي تي چڙهڻ.

saddleback (سَڊل بيڪ) **n.** a saddle-shaped hill, coping, animal or object; the great black-backed gull; the hooded crow; the male harp seal; a breed of goose; a breed of pig; a rare NZ wattlebird; a saddle roof; saddle-shaped; having a depression in the middle of the back; having a saddle-shaped mark on the back; (of a coping) sloping from the middle to each side, زين يا هني صورت ٽڪري، جانور يا شيء، ڪري پٺي ڪينا ساموڻدي پکي، ڪانو جنس پکي، نر هارپ سيل مڇي، ساموڻدي سوئر، پٺي شڪل ساموڻدي جانور، ڦاز ۽ هنج جو هڪ فارمي نسل، بدڪ جنس، سوئر جي جنس، نيوزيلينڊ جو ٽيٽيهر پکي، زين يا هني شڪل ڇت، هني پٺي، زين پُشت، هني پٺي، گهوڙي جي زين وانگر هڏيء جو هڪ سنڌ، ايڪيري ڇت.

saddlebag (سَڊل بيگ) **n.** a bag carried at, or attached to, the saddle; (of furniture) upholstered in cloth in imitation of camels' saddlebags, خرزين، بوري نما ٿيلهي، ڪپڙو چڙهيل گدين وارو ڪوچ.

saddle bar (سَڊل بار) **n.** a bar for supporting stained glass in a window, دريء ۾ لڳل شيشي کي پنيان روڪيندڙ پٽي.

saddlebill or saddle-bill stork (سَڊلبل يا سَڊلبل اسٽارڪ) **n.** a large black and white stork, of sub-Saharan Africa, with a red and black bill that has a yellow saddle-like structure at the base, وڏو بگهه پکي، آفريڪي صحرائي زين صورت چهنب وارو تور پکي، وڏو رنگين لق لق پکي، زين چهنب بگهه پکي.

saddle blanket (سَڊل بلينڪٽ) **n.** a folded blanket used as a saddle cloth, گهوڙي تي سنج طور ڪتب ايندڙ ڪنو، تل.

saddle bow (سَڊل بو) **n.** the arched front of a saddle, محرابي هنو، هني جو محرابي اڳ.

saddle cloth (سَڊل ڪلاٿ) **n.** a cloth placed under a saddle to prevent rubbing, تل، زين پوش، پاکڙي پوش.

saddle fast (سَڊل فاسٽ) **adj.** firmly seated in the saddle, شهسوار، سوار.

saddle feather or hackle (سَڊل فيدر يا هئڪل) **n.** one of the long, slender feathers drooping from a male fowl's saddle, ڪڪڙ جي پٺيء جو وڏو کنڀ.

saddle-girth (سَڊل گرٿ) **n.** a band that holds the saddle in place, تنگ، ڪلهه ۽ گهوڙي جو تنگ.

saddle horse (سَڊل هارس) **n.** a riding horse, سواريء جو گهوڙو.

saddle-lap (سَڊل لئپ) **n.** the skirt of a saddle, سنج، زين پشت.

saddle nose (سَڊل نوز) **n.** flattening of the bridge of the nose, as a result of congenital syphilis, نڪ جي آپريشن ڪري نڪ جي وچين هڏي جو سڌو ٿي وڃڻ.

saddle pillar or pin (سَڊل پلر يا پن) **n.** the support of a cycle saddle, which fits a socket in the frame, سائيڪل جي ويهڻ واريء گديء جو هيٺيون پائيپ.

saddler (سَڊلر) **n.** a maker or seller of saddles and related goods; a soldier who has charge of cavalry saddles; a saddle horse, هنائي، سراز، زين جوڙيندڙ، زين فروش، زين ساز، پاکڙا وغيره ٺاهيندڙ، سواريء وارو گهوڙو.

saddle reef (سَڊل ريف) **n.** an ore deposit occurring in concavo-convex formations of igneous rocks, esp in Australia, آسٽريليا ۾ معدني ڪچي ڌاتوء جي موجود حالت.

saddle roof (سَڊل روف) **n.** a roof with a ridge and two gables, ٻنيء لاهيء واري ڇت، محرابي ڇت.

saddlery (سَڊ لري) **n.** the occupation of saddler; his shop or stock-in-trade; a saddle-room at a stable, etc, سنج، سنجت يا زين جوڙڻ جو ڌنڌو، زين سازي، سامان زين گري، سنجت رکڻ جي جاء.

saddle-shaped (سَڊل شيپڊ) **n.** arched; concave and convex in sections at right angles to each other, محرابي شڪل، اندر يا ٻاهر محراب نما صورت، گنبذ واري بيهڪ.

saddle soap (سئڊل سوپ) **n.** a kind of oily soap used for cleaning and treating leather, چمڙي يا کل کي صاف ڪرڻ جو صابڻ.

saddle-sore (سئڊل سَور) **n.** (of a rider) with buttocks and inner thighs sore or chafed from riding; a sore resulting from chafing of the saddle, سواريءَ سبب سوار جي سُرن جي اندرين پاسي تي ٿيندڙ زخم، دڏن جا ڦٽ يا چتا.

saddle spring (سئڊل اسپرنگ) **n.** a spring supporting a cycle-saddle, سائيڪل جي گديءَ کي لڳل اسپرنگ.

saddle stitch (سئڊل اسٽچ) **n.** needlework consisting of long stitches on the top surface and short stitches on the underside of the material; one such stitch; a method of stitching or stapling (a booklet, magazine) together through the back centre fold; to sew using saddle stitch, ٽاڪي يا ٽانڪي جو قسم، پرت پرڻ جو نمونو، سلائيءَ جو نمونو، جلد چاڙهڻ لاءِ ويڙهيل ۽ سلائي.

saddletree (سئڊل ٽري) **n.** the frame of a saddle; a tulip tree (with saddle shaped leaves), گهوڙي تي رکڻ وارو هنو، شجرلالہ (جنهن جا پن هني صورت آهن).

sadhu or **saddhu** (ساڌو) **n.** a Hindu holy man, ascetic and mendicant (Sans), ساڌو، باٻو، زاهد، عابد.

sadism (سيڊزم) **n.** pleasure, esp sexual satisfaction, obtained by inflicting pain or suffering on another person; love of cruelty, ايذاء رساني، ڏکائڻ مان لذت يا مزو وٺڻ، ڏک لذتي، ظلم جو پيار.

sadly (سئڊلي) **adv.** in a sad manner; regrettably; unfortunately, ڏک ۾، اداسيءَ، غم مان، ڏک ۾، بد بختيءَ ۾.

sadness (سئڊنيس) **n.** being sad; thing that makes one sad, غم، غمگيني، ڏک، اداسائي، اداسپڻو، گهومات، ملولائي، ويڳاڻائپ، اداسي.

sadomasochism (سئڊوميسوڪزم) **n.** the combination of sadism and masochism in one person; pleasure, esp sexual gratification, obtained by inflicting pain on another person and having pain inflicted on one by another person, ڏک، پيڙا، غم ۽ سڙسيءَ جي هڪ ماڻهوءَ ۾ موجودگي، ٻئي کي رنج ۽ تڪليف ڏئي لذت حاصل ڪندڙ انسان، جنس سان لاڳاپيل اها لذت جيڪا هڪ ٻئي کي سور پهچائي ماڻجي.

sadza (سئڊزا) **n.** a type of porridge made from maize flour, a staple food in southern Africa (Shona), ڏکڻ آفريڪا جو هڪ عام کاڌو (جنهن ۾ مڪئيءَ جي ڏاري مان پت ٺاهيو ويندو آهي).

saeculum or **seculum** (سيڪيولَم) **n.** an astronomical or geological age, ڪنهن به شيءِ جي فلڪياتي يا ارضياتي عمر، ڌرتيءَ تي موجود شين جي عمر جو ڪاٿو.

saeter (سيٽر) **n.** (in Norway) an upland meadow which provides summer pasture for cattle, and where butter and cheese are made; a hut on a saeter providing shelter for those looking after the animals, (ناروي ۾) اونهاري جي موسم جي چراگاه، چراگاه تي ٺهيل لانڍي، ڇن، جهوپڙي، جهُوپڙو، منهن.

saeva indignatio (سيوانڊگنيشيو) fierce indignation (L), گهڻي ڪاوڙ، سخت ڪاوڙ، چڙ، غصو.

safari (سفاري) **n.** an expedition, esp for hunting or animal-watching in Africa; a long expedition involving difficulty and requiring planning, in tropical climes; to go on safari, شڪار ڪرڻ، گهمڻ ڦرڻ، ان علائقي جو سير ڪرڻ جتي جانور وغيره قدرتي طور موجود هجن.

safari jacket (سفاري جيڪٽ) **n.** a jacket with four pockets and belt, and long or short trousers, جيڪٽ جنهن ۾ چار کيسا هجن ۽ چيلهہ جو پٽو به هجي، سفاري جنڪيٽ سوٽ.

safari park (سفاري پارڪ) **n.** an enclosed park where wild animals (mostly non-native) are kept uncaged on view to the public, اهو پارڪ يا جهنگ جو حصو جنهن ۾ جهنگلي جانور کليل گهمن ۽ ماڻهو کين گاڏين وغيره مان ڏسن، آفريڪا جا اهڙي قسم جا علائقا، سفاري پارڪ.

safarist (سفارسٽ) **n.** a person who goes on safari, سيلاني، گهوماڪڙ، گهمندڙ، رولاڪ، مسافر.

safari suit (سفاري سُوٽ) **n.** a suit for men, boys, or women, typically of cotton and consisting of square-cut, سفاري سوٽ، سوٽ ۽ بشرٽ هڪ ئي ڪپڙي مان ٺاهيل پوشاڪ، هڪ ئي ڪپڙي جي پوشاڪ.

safe (سيف) **adj, n. adv, vt, prep.** unharmed; free from danger; secure; sound, free from risk; certain, sure; reliable, trustworthy; cautions; good, fine; a metal box, often set in a wall, secure against fire, thieves; a ventilated box or cupboard for meat; a condom; in a safe manner or condition; to make safe; to bring safely; save, سلامت، محفوظ، صحيح سالم، بي ضرر، بي جوکو، پڪو تجوڙي، سوگهو، پيڙرو، بي خطر، امن امان وارو، صحيح سلامتي، سلامتيءَ جو، ھٿيڪو، سانيو، سالڊيو، ثابت، روڪڙدان.

safe-blowing (سيف بلوئنگ) **n.** the forcing of safes, using explosives تجوڙيون پٽڻ، بم رکي تجوڙي ٽوڙڻ يا کولڻ.

safe-conduct (سيف ڪنڊڪٽ) **n.** a permit to pass or travel through an area with guarantee of freedom from interference or arrest; to conduct a person safely; to give a safe-conduct to, راهداري، پروانو، بدرقو، پورانو، حفاظت مهيا ڪرڻ، سٺي هلت چلت جي ضمانت ڏيڻ.

safe-deposit or **safety-deposit** (سيف ڊپازٽ/ سيفٽي) **n.** a vault, providing safe storage for valuables, سيف ڊپازٽ (بئنڪ وغيره جتي قيمتي شيون محفوظ هجن) بئنڪ جو لاڪر. بئنڪ جي تجوڙي.

safeguard (سيف گارڊ) **n.** a device, condition or arrangement ensuring safety; a precaution; a safe-conduct; to protect, esp interests or rights; to protect (eg native manufacturers and industry) against foreign competition, بچاءُ. نگهباني. بورائو. حقن جي حفاظت جو ذمو. ٻاهرين شين جي مقابلي ۾ ملڪي شين جي حفاظت ڪرڻ.

safe haven (سيف هيون) **n.** a place of heavenly facilities; a safe place for hiding; a place of pleasure and entertainment. تمام گهڻي فرحت مهيا ڪندڙ جاءِ. لڪڻ يا ڇپڻ لاءِ حفاظت واري جاءِ. مختلف قسمن جو راحتون مهيا ڪندڙ هنڌ. لڪڻ جي جاءِ. پاتاري.

safe house (سيف هائوس) a place esp one kept by the intelligence services or care agencies, unknown to one's pursuers, where one can safely hide, لڪڻ جي جاءِ. ڇپڻ جي جاءِ. اها جاءِ جتي ڪنهن کي حفاظت سان رکي سگهجي.

safe-keeping (سيف ڪيپنگ) **n.** keeping in safety; safe custody, حفاظت. محفوظ رکڻ. امانت.

safe light (سيف لائٽ) **n.** a light used in a photographic darkroom, which emits light of an intensity and colour which will not damage the materials being processed, روشني جيڪا فوٽو تيار ڪندڙ ڊارڪ رُوم(اونداهي) ۾ استعمال ڪندو آهي.

safely (سيفلي) **adv.** in a safe manner; without injury; securely, خير سان. صحيح سلامت. سلامتيءَ سان. بنا نقصان جي.

safe period (سيف پيرڊ) **n.** that part of the menstrual cycle during which conception is most unlikely, اهو عرصو جنهن ۾ حمل نہ ٿئي. ماهواريءَ وارو عرصو.

safe seat (سيف سيٽ) **n.** a parliamentary seat that the incumbent political party will almost certainly win again in an election, پڪي سيٽ. محفوظ تڪ. وري کٽڻ جهڙي جاءِ.

safe sex (سيف سيڪس) **n.** sexual intercourse minimizing the risk of transmission of disease, by the use of condoms, بيماري کان پاڪ جنسي عمل. بيماريءَ کان بچاءَ جي انتظام ڪانڊوم ڪيل جنسي عمل.

safety (سيفٽي) **n.** the state or fact of being safe; a safety shot in snooker or billiards; a device designed to prevent injury, esp a safety catch; the defensive player placed furthest back in the field; a play in which the defensive team scores two points when an offensive player is tackled or downs the ball on or behind his own goal-like (Am football), سلامتي. امن امان. حفاظت. بچاءُ. محفوظ. امان. هٿيڪائي. سوکهائي. (آمريڪن) فوٽ بال راند ۾ حملي آور رانديگر کي روڪي دفاع ڪرڻ جي ان طريقي سان اسڪور وڌائڻ. بليئرڊ راند جو بچاءَ وارو ڌڪ. حفاظت ڪندڙ اوزار. بلڪل پنيان راند ڪندڙ دفاعي رانديگر.

safety arch (سيفٽي آرچ) **n.** an arch built into the body of a wall to relieve the pressure of weight from above, ونگ ڏني جاءِ جي مٿين اوساريءَ جو هيٺ پوندڙ زور گهٽائڻ. ونگ جي بيهڪ جو طريقو.

safety belt (سيفٽي بيلٽ) **n.** a belt for fastening a workman, to a fixed object while carrying out a dangerous operation; a belt for restraining the occupant of a seat in a car, aircraft, a precaution against injury in a crash, حفاظتي پٽو. محفوظ پٽي. ڪار يا جهاز ۾ لڳل پٽا جيڪي مسافر حفاظت طور ٻڌندا آهن.

safety bolt (سيفٽي بولٽ) **n.** the safety lock of a fire-arm, هٿيارجي چاپ. هٿيار جي حفاظت جي چٽي يا پٽي.

safety cage (سيفٽي ڪيج) **n.** a cage with a safety catch to prevent it falling if the hoisting rope breaks; (in a motor-vehicle chassis) a specially strengthened framework around the seating part to give maximum protection to driver and passengers in a crash, پڃرو يا ڪاري نما پيتي جنهن ۾ سامان يا ماڻهو وغيره لاهي چاڙهي سگهجن (ان جو ڪرڻ کان بچاءَ وارونظام). اهڙي بچاءُ جي نظام وارو ڪارو يا پڃرو. موٽر گاڏيءَ جو بنيادي ڍانچو.

safety-catch (سيفٽي ڪئچ) **n.** any catch to provide protection against something such as the accidental firing of a gun, حفاظتي چيٽي. حفاظت خاطر لڳايل اوزار. حفاظتي آلو.

safety-curtain (سيفٽي ڪرٽين) **n.** a fireproof curtain between stage and audience in a theatre, پردو جنهن کي باهہ نہ لڳي.

safety factor (سيفٽي فئڪٽر) **n.** the ratio between the breaking stress in a member, structure or material and the safe permissible stress on it, حفاظتي عمل. ڪنهن بہ مادي جي حفاظتي حد. مضبوطيءَ جو تخمينو.

safety film (سيفٽي فلم) **n.** photographic or cinematographic film with a non-flammable or slow burning base of cellulose acetate or polyester, تمام آهستي ٻرندڙ فوٽن واري ڪيميائي فلم يا پٽي.

safety fuse (سيفٽي فيوز) **n.** a slow-burning fuse that can be lit at a safe distance; a fuse inserted for

safety in an electric circuit, حفاظتي گذارو، حفاظتي نظام. تہ جيئن بجليءَ جي گهٽ وڌائيءَ جي حالت ۾ شين کي نقصان نہ ٿئي ۽ ڪرنٽ رستي ۾ ئي ڪٽجي وڃي، فيوز لڳائڻ وارو نظام.

safety glass (سيفٽي گلاس) **n.** a laminate of plastic between sheets of glass, used in vehicle windscreens; glass reinforced with wire or otherwise toughened to avoid shattering, حفاظتي شيشو، محفوظ شيشو، شيشو جيڪو ڌڪ لڳڻ کان پوءِ ذرا ذرا ٿي وڃي ۽ نقصان نہ ڪري.

safety lamp (سيفٽي لئمپ) **n.** a miners' lamp that will not ignite inflammable gases, حفاظتي بتي، کاڻين اندر استعمال ٿيندڙ بتي جنهن مان ٻرندڙ مادن کي باهہ نہ لڳي.

safety light (سيفٽي لائٽ) **n.** a warning light; a light that will not readily cause a fire, حفاظتي روشني، اهڙي روشني يا شعلو جنهن سان باهہ نہ لڳي.

safety lock (سيفٽي لاڪ) **n.** a lock that cannot be picked by ordinary means; (in firearms) a device for preventing accidental discharge, a safety catch, حفاظتي تالو، تالو جيڪو عام طريقي سان نہ کولي سگهجي، هٿيار جي حفاظتي پٽي يا اوزار.

safety match (سيفٽي مئچ) **n.** a match that can be ignited only on a specially prepared surface, حفاظتي چڻنگ، تيلي، تيلي جيڪا ڪنهن خاص هنڌ تي گسائي ٻاري سگهجي.

safety net (سيفٽي نيٽ) a net stretched beneath an acrobat, during a rehearsal or performance, in case he or she should fall; any precautionary measure or means of protection from injury, hardship, ورزشي راند يون ڪندڙن ۽ مٿي ٽپ ڏيندڙن لاءِ لڳل ڄاري جيڪا انهن کي زمين تي ڪرڻ ۽ ڌڪ لڳڻ کان بچائي، بچاءَ جو نظام، زخم لڳڻ کان حفاظت جو نظام.

safety officer (سيفٽي آفيسر) **n.** an official whose responsibility is to ensure that safety regulations are adhered to, عملدار جنهن جو ڪم حفاظتي نظام تي نظر رکڻ هجي، حفاظتي نظام سنڀاليندڙ عملدار يا محافظ.

safety paper (سيفٽي پيپر) **n.** paper; difficult to imitate or tamper with without detection, such as that used for bank-notes, حفاظتي پنو، اهڙو پنو جنهن جو نقل نہ ناهي سگهجي (جهڙو نوٽن جو پنو).

safety pin (سيفٽي پن) **n.** a pin in the form of a clasp with a guard covering its point; a pin for locking a piece of machinery or a device, that used to prevent detonation of a grenade, a mine, حفاظتي اوزار، محافظ ميخ، هٿيار کي پاڻ مرادو ڦاٽڻ کان بچائيندڙ پٽي يا ميخ.

safety plug (سيفٽي پلگ) **n.** an electrical plug that melts when the temperature rises too high, بجليءَ جي نظام ۾ لڳڻ واري حفاظتي تار جيڪا وڌيڪ بجليءَ يا گرميءَ جي صورت ۾ پاڻ مرادو ڳري وڃي.

safety razor (سيفٽي ريزر) **n.** a razor incorporation a guard for the blade which prevents deep cutting of the skin, سيفٽي يا پاڪي جنهن سان چمڙي نہ ڪٽجي.

safety rein (سيفٽي رين) **n.** a rein for preventing a horse from running away, محفوظ واڳ جنهن سان گهوڙي کي سنڀالجي، هلائجي.

safety shot (سيفٽي شاٽ) **n.** (in snooker and billiards) a shot in which the player purposely places the cue ball so that bis opponent is prevented from scoring with his next shot, (بليئرڊ جهڙي) راند ۾ حفاظتي ڌڪ (جنهن وسيلي رانديگر ڌڪ هڻڻ واري بال کي ناهي رکي سگهي)

safety valve (سيفٽي والو) **n.** a valve that opens when the pressure becomes too great; any harmless outlet for pent-up emotion, energy, اهڙو سوراخ جو ٻاڦ سان کلي وڃي، محافظ ڍڪڻ، حفاظتي ڍڪڻ، بچاءَ وارو هڪ طرفو سوراخ.

saffian (سئفين) **n.** leather tanned with sumach and dyed in bright colours (Russ), (روسي) رنگ ڪيل ۽ تيز رنگن وارو چمڙو.

safflower (سئف فلاور) **n.** a thistle-like composite plant cultivated in India; its dried petals, used in cosmetics and for making a red dye, پوآڙي، گل ڪهنبو، ڪسمبو گل، نقلي زعفران، (ٻوٽو)، ڳاڙهو رنگ ڏيندڙ گل يا ٻوٽو.

safflower oil (سئف فلور آئل) **n.** an oil produced from this plant and used in cooking, پوآڙي تيل، گل ڪهنبو جو تيل.

saffron (سئفرن) **n.** a species of crocus, crocus sativus, with purple flowers; its orange-coloured stigmas, derived and used as a dye and flavouring; an orange-yellow colour, زعفران، هيڊو رنگ، گيرو رنگ، ڪنسر، ڪيسر، زردو، ڦڪو، پيلو، سگند وکر، سرنجاڻ.

saffron cake (سئفرن ڪيڪ) **n.** a cake flavoured with saffron, زعفراني ڪيڪ، زعفران پيل منو ڪاڄو.

saffroned (سئفرنڊ) **adj.** coloured or flavoured with saffron, زعفراني(رنگ يا خوشبوءِ وارو)

saffrony (سئفروني) **adj.** coloured somewhat like saffron or having a flavour like saffron, زعفراني، زردو، پيلو، ڦڪو.

safranin or **safranine** (سئفرين) **n.** any of various coal-tar dyes, giving various colours, ڏامر مان ملندڙ رنگن وارو مادو.

safrole (سئفرول) **n.** a colourless oily liquid obtained from sassafras and used in perfumes, soaps and in-

secticides, بي رنگ تيلي مادو (جيڪو وڻن جي ڇوڏن جي رس مان حاصل ٿئي ٿو ۽ عطر وغيره ۾ ڪم اچي ٿو).

safronal (سئفرونل) **n.** a spicy-tasting chemical constituent of saffron, زعفران جو ڪيميائي حصو (جيڪو مصالحي طور ڪم اچي ٿو).

sag (سئگ) **vi, n.** to bend, sink or hang down, esp in the middle; to yield or give way, from or as if from weight or pressure; to flag; (of industrial activity, prices) to decline; to droop; to move along in a slow, laboured manner; to move or drift to leeward; an act or instance of sagging; a part or area that sags, a depression in an area of glacial deposion, لڙڪڻ، لڙڪي پوڻ، جهلڻ، جهڪڻ، مڙڻ، آڻ ميڻ، خم، ڪَبَ، ٻلڻ، ڍوري ڪرڻ، لڙڻ، جهول ٿيڻ، ٻاهر تي نڪري آيل معدني مادو، ڪبو ٿيڻ، ڪبو ٿي هلڻ، (صنعتي عمل) ڍرو، هلڪو، سست، آهستي هلڻ، پاسي سان هلڻ، ٻاهر تي نڪري آيل برفاني ڇپ جو اندران خالي ٿيل حصو.

saga (ساگا) **n.** a prose narrative of the deeds of Icelandic or Norwegian heroes in the old literature of Iceland; a body of legend about some subject; a series of novels dealing with the history of a family; a long, detailed story, رزميه ڪهاڻي، آئسليند يا ناروي جي قديم زبان جو داستان، ڳالهه، تاريخي داستان، ڪهاڻي، قصو، ڪنهن خاندان بابت ڪتابي سلسلو، وڏي ۽ تفصيلي ڪهاڻي.

sagacious (سئگيشس) **adj.** keen in perception or thought; discerning and judicious; wise, تيز فهم، ذهين، داناءُ، هوشمند، چتر، سڄاڻ، عقلي، عقلمند، سياڻو، هوشيار.

sagacity (سگئسٽي) **n.** quality of being sagacious; wisdom and good judgement, هوشياري، سياڻپ، تيز فهمي، سگهڙائپ، سوجهه، عقلمندي، سمجهه، ذهن، فهم، پروڙ.

sagamore (سئگامار) **n.** a N American Indian chief, آمريڪي ريڊ انڊين يا هندي قوم جو سردار، آمريڪا جي اصلوڪن باشندن جو سردار يا چڱو مڙس.

sagapenum (سئگاپينم) **n.** a gum-resin, the juice of Ferula persica, formerly used to stimulate menstruation and as an antispasmodic, بدبوءِ وارو ڪئونر، ڏپ واري رال، ڪيميائي ۽ طبي مادو.

sagathy (سئگاٿي) **n.** a lightweight fabric, a mixture of wool and silk or silk and cotton, هڪ هلڪي وزن وارو ڪپڙو جيڪو ان ۽ ريشم يا سٽ ۽ ريشم گڏي ٺاهيو وڃي، ململ، وائل، لان يا لون جو ڪپڙو.

sag bag (سئگ بئگ) **n.** a large bag filled with a substance, usu polystyrene granules, which allows it to be pushed into any shape and used as a chair, cushion, bed, ڪپهه يا هترادو ڪپهه جهڙي مادي مان ٺاهيل گدي (جيڪا ڪرسيءَ، وهاڻي ۽ بستري طور ڪم اچي).

sage[1] (سيج) **n.** a garden labiate plant whose grey-green leaves are used as a flavouring; any plant of the Salvia genus, such as clary; extended to wood germander, خوشبودار سبزي، گل مريم، خوشبو ڏيندڙ ساٺو بوٽو.

sage[2] (سيج) **adj, n.** wise; (usu old) man of great wisdom, ڏاهو، عاقل، داناءُ، عالم، عارف، حڪيم، سالڪ، عقلمند، سياڻو، رشي، پُراڻن گياني.

sage apple (سيج ايپل) **n.** an edible gall formed on Mediterranean sage, گل مريم جو ميوو.

sage brush (سيج برش) **n.** a subshrub of the genus Artemisia, that grows in arid regions of N America, خوشبودار ساٺو بوٽو، خشڪ علائقن ۾ ٿيندڙ بوٽو، مروا، نازبو، افسنطين بوٽو.

sage cheese (سيج چيز) **n.** a cheese flavoured and mottled with sage leaves, خوشبودار پنير، مريم گل جي خوشبوءِ پيل پنير.

sage Derby (سيج ڊربي) **n.** a kind of sage cheese, خوشبودار پنير.

sage grouse or cock (سيج گراؤس يا ڪاڪ) **n.** a large N American grouse, that feeds on and lives in sagebrush, آمريڪي پٽ تتر، ٻانيڙ جنس پکي، وڏو جهنگلي ڪڪڙ يا ٻانيڙ.

sage green (سيج گرين) **n.** greyish green, like sage leaves, پورو ساٺو رنگ، گل مريم جي رنگ وارو.

sagene (ساجن) **n.** a fishing-net; a network, جار، رڇ، مڇي مارڻ جي جاري.

sage rabbit (سيج رئبٽ) **n.** a small hare found amongst sagebrush, سهو، ننڍو سيهڙ.

sage tea (سيج ٽي) **n.** an infusion of sage leaves, used domestically as a tonic, گل مريم بوٽي جي پنن مان ٺاهيل ڪاڙهو، چانهه.

sage thrasher (سيج ٿريشر) **n.** the mountain mockingbird, آمريڪي طوطي پکي، نقل ڪندڙ پکي، طوطي ۽ مينا وانگر نقل ڪندڙ آمريڪي پکي.

saggar, sagger, saggard or **segger** (سئگر) **n.** a clay box in which pottery is packed for baking, مٽيءَ جي پيتي جنهن ۾ مٽيءَ جا ٿانو رکي پچائجن، آوي.

saginate (سئجينيٽ) **vt.** to fatten (animals), جانور کي چاري متارو ڪرڻ.

sagitta (سجيٽا) **n.** a keystone; a versed sine of an arc; the middle stroke of letter epsilon; the Arrow, a northern constellation, ڏاٽ پٿر، عميق، قوس، تير، ٻاڻ، ڪانُ، تير ڪيرا، اتر ۾ تارن جو ميڙ، تير ڪمان وارو برج.

sagital (سجيتل) **adj.** shaped like an arrow; like a sagitta; pertaining or parallel to the sagittal suture, تير شڪل، تير شڪل تاڪو يا بخيو.

sagital suture (سيجتل سوتر) **n.** a serrated joint between the two parietal bones forming the top and sides of the skull. تير تاڪو، تير ڳنڍ، دماغ جي وچ ۾ پاسن جو جوڙ.

sagitary (سجيتري) **n.** a centaur; an archer, برج قوس، تير ڪمان وارو.

sagitiform (سجيتيفارم) **adj.** (of leaves) shaped like an arrowhead with the barbs pointing backwards, تير نما، تير شڪل، تير نوڪي پن.

Sagittarius (سجيترس) **n.** the Archer, a constellation and the ninth sign of the Zodiac; a person born between 23 Nov and 22 Dec, under this sign, ڏن راس، برج ڪمان، برج قوس، قوس برج ۾ ڄاول ٻار.

sago (سيگو) **n.** a nutritive cereal substance produced from the pith of the sago palm, ساگو يا صابو دائو، وڻ جو اندريون حصو، گودو، سيگو چانور، ساگو.

sago grass (سيگو گراس) **n.** a tall grass, used as fodder for cattle in Australia, آسٽريليا جو ڊگهو گاهه (جانورن لاءِ)، آسٽريليا جو چاري وارو گاهه.

sago palm (سيگو پام) **n.** any of various palms and certain cyclads, yielding sago (Malay), صابو ٻوٽو، ساگو ٻوٽو.

saguaro (ساگارو) **n.** a giant cactus, of SW US and Mexico, with a tree-like trunk, white flowers and edible red fruits, (آمريڪا ۽ ميڪسيڪو جو) وڏو ۽ شاهي ٿوهر ٻوٽو (جنهن ۾ اڇا گل ۽ ڳاڙهو کاڄرو ميوو ٿئي ٿو).

saguin, sagoin, sagouin (سگئن، سگوان) **n.** a small S American monkey, ڏکڻ آمريڪي ٻولڙو، ننڍي قد وارو باندر، ننڍو نوريئڙي جيڏو باندر.

Saharan (سَهارن) **adj.** of, resembling, or characteristic of, the Sahara desert in N Africa, صحارا، صحرا، بيابان، آفريڪي بيابان، آفريڪي ريگستان.

Sahelian (ساهيلين) **adj.** of or concerning the countries south of the Sahara desert, including Chad, Niger, Mali and Mauritania, generally between the desert and savanna regions (Ar), صحارا رڻ پٽ جي ملڪن بابت، صحارا جا ڏاکڻا ملڪ.

sai (ساءِ) **n.** the capuchin monkey (Tupi), ننڍو نوريئڙي جيڏو ٻولو، باندر، ڪاپوچين ٻولو.

saibling (سئبلنگ) **n.** a freshwater fish, the char (Ger), تازي پاڻيءَ جي مڇي، ڪرڙي جنس جي مڇي.

saic, saick or **saique** (سائيڪ، سيئڪ) **n.** a Levantine vessel like a ketch (Fr), ٻن ڪوهن واري ٻيڙي جنهن جو اڳيون ڪوهو وڏو ٿيندو آهي.

said (سيڊ) **pa t** and **pa p, adj.** previously- or already-mentioned; past tense of say. چيو، ڳالهايو، چيل، ذڪر ڪيل، ڳالهائيل، ٻڌايل، ڏسيل.

saiga (سائگا) **n.** a Eurasian antelope, with a swollen nose ending in a pig-like snout (Russ), مغربي ايشيا جو هڪ سوئر جهڙي نڪ وارو هرڻ، روس جي صحرا جو هڪ وڏو هرڻ.

saikei (سائڪَي) **n.** a Japanese miniature landscape of bonsai trees, growing on rocks or stones; the art of cultivating such landscapes, چيني ننڍي قد وارن ٻوٽن جي تصوير، مصوري جنهن ۾ ننڍي قد وارن ٻوٽن کي ڏيکاريو ويو هجي.

sail[1] (سيل) **n. vi, vt.** a sheet of canvass, framework of slats, or other structure, spread to catch the wind, so as to propel a ship, drive a windmill; a specified type of sail on a boat or ship; sails collectively; a ship or ships; a trip in a vessel; an act or distance of sailing; any sail-like organ or object; a wing, esp a hawk's; a submarine's conning-tower; to progress, travel or make trips in sailing craft or any other type of ship; to set out on a voyage; to glide or float smoothly along; to direct the course or movement of a ship, navigate; to cause a toy boat to sail; to pass over or along in a ship; to go through or get through effortlessly, سڙهه، بادبان، بحري جهاز، سامونڊي سفر ڪرڻ، سمنڊ ۾ وڃڻ، جهاز جو هلڻ، بحري سفر ڪرڻ، جهاز هلائڻ، دريائي سفر، هوا چڪي هلائڻ، اُهرڻ، روانو ٿيڻ، ٻيڙيون، ڪَلمي، باز جو کنڀ يا پر، آب دوز جو ٻاهرتي نڪتل حصو، بحري مسافري ڪرڻ، جهاز هلائڻ، آرام سان هلڻ، آرام سان لنگهي وڃڻ.

sail[2] (سيل) **vi, n.** to project; projection, سٽ ڏيڻ، تجويز پيش ڪرڻ، رٿ ڏيڻ، رٿ رٿڻ، نڪري بيهڻ، ٻاهر تي نڪتل، وڌاوڙو.

sail arm (سيل آرم) **n.** one of the arms of windmill, هوا تي هلندڙ چڪيءَ جي پرن جو هڪ پر، ڪپڙي جو پر.

sail board (سيل بورڊ) **n.** a small, light, flat-hulled sailing-craft, consisting of a surfboard fitted with a single flexible mast, the sail being controlled by a hand-held boom, ننڍي ۽ سڌي تري واري ٻيڙي، هڪ سڙهه واري لسي ۽ سڌي ٻيڙي.

sail-boarder (سيل بورڊر) **n.** one who goes in for sail-boarding, سنهيءَ ۽ سڌيءَ ٻيڙيءَ تي سفر ڪندڙ.

sail-boat (سيل بوٽ) **n.** a small sailing-boat, ننڍي ٻيڙي.

sail cloth (سيل ڪلاٿ) **n.** a strong cloth used for sails, سڙهن جي ڪم ايندڙ ٿلهو ڪپڙو، ٽاٽ جو ڪپڙو.

sailer (سيلر) **n.** a boat or ship that can sail in a stated manner, جهاز، ٻيڙي، تکو جهاز، سڙهدار جهاز.

sailfish (سيل فش) **n.** a large game fish of the genus Istiophorus, related to the swordfish, with a large sail-like dorsal fin; another name for the basking shark, وڏيون ڪاچرو جنسن واريون مڇيون جن جا کنڀڙ وڏا آهن. شارڪ يا منگري جي جنس جي مڇي، خار ماهي، وڏن کنڀڙين واري مارلن مڇي، بادبان مڇي.

sail-flying (سيل فلائنگ) **n.** flying in a sailplane, سمنڊ تي لهندڙ جهاز ۾ اڏامڻ، سفر ڪرڻ.

sailing (سيلنگ) **n. & adj.** travelling, or a journey, by sails or on water; (the time of) a ship's departure from port; the art or activity of directing a ship's course, سامونڊي سفر، درياهي سفر، ملاحي، جهاز راني.

sailing boat (سيلنگ بوٽ) **n.** a boat moved by sails, though often having auxiliary motor power, بادبان ٻيڙي، سڙهن واري ٻيڙي جنهن تي ڪڏهن ڪڏهن موٽر به لڳل ٿي سگهي ٿي، دخاني ٻيڙي.

sailing-master (سيلنگ ماسٽر) **n.** an officer in charge of navigation, esp of a yacht; formerly a warrant officer in the US navy, جهاز راني جو انچارج، ناکئو، خلاصي، پاڻيءَ واري فوج جو ننڍو عملدار، بحري فوج جو عملدار.

sailing orders (سيلنگ آرڊرس) **n.** instructions to the captain of a ship at setting forth on a voyage, ڪئپٽن جو جهاز هلائڻ جو حڪم، جهاز جي مسافري شروع ڪرڻ جو حڪم نامو.

sailing ship (سيلنگ شپ) **n.** a ship driven by sails, بادبان ذريعي هلندڙ سامونڊي جهاز، سڙهن وارو جهاز.

sail loft (سيل لافٽ) **n.** a large room or loft with sufficient floor area to allow sails to be spread out while they are being made or repaired, بادبانن کي مرمت ڪرڻ وارو ڪمرو يا جڳهه.

sailor (سيلر) **n.** one who is employed in the management of a ship, esp one who is not an officer; a mariner, seaman; a navigator; a person regarded in terms of ability to tolerate the heaving motion of a ship; a sailor hat, خلاصي، پاتڻي، ناکئون، مهاڻو، ميربحر، وڻجارو، سمنڊ سيلاني، ملاح، کاريءَ کيڙائو، کاري کهيڙائو، سامونڊي يا بحري سفر ڪرڻ لائق، خلاصين جو ٽوپ.

sailor hat (سيلر هٽ) **n.** a round hat with a wide, upcurved brim, خلاصيءَ جي ٽوپي، وڏي (۽ مٿي وريل) گهير واري ٽوپي.

sailor man (سيلر مئن) **n.** a seaman, خلاصي، جهاز ران، ناکئو، ميربحر، جهازي.

sailor suit (سيلر سوٽ) **n.** a child's or woman's outfit resembling that of a sailor, عورت يا ٻار جي خلاصيءَ سان ملندڙ پوشاڪ.

sail plane (سيل پلين) **n.** a glider that can rise with an upward current; to fly in a sailplane, هوا جي زور تي اڏامندڙ جهاز، ان جهڙي جهاز يا گاڏيءَ ۾ اڏامڻ.

sand bag (سئنڊ بئگ) n a bag of sand or earth, used to protect against bomb blasts, floods; a small bag of sand, used as a cosh; an engraver's leather cushion; to provide with sandbags; to attack with a sandbag; to attack unexpectedly and with force; to obstruct or outmanoeuvre, مٽي يا واريءَ جي ڳوٿري، بمن جي ڌماڪن کان بچاءَ لاءِ واريءَ ڀريل ڳوڻ، اوچتو حملو ڪرڻ، روڪڻ، رنڊڻ، رنڊڪ.

sand bank (سئنڊ بئنڪ) n a bank of sand in river, river mouth, often above water at low tide, ريت، درياءَ جو ريتيلو ڪنارو، واريءَ جو دڙو.

sand bar (سئنڊبار) n a long sandbank along a river or the sea, ندي يا سمنڊ ۾ واريءَ جو ڪنارو.

sand bath (سئنڊباٿ) n a bath in sand; a vessel for heating without direct exposure to the source of heat, واريءَ جو ٽٻ، هڪ ٿانءُ ٻئي ٿانءَ رستي گرم ڪرڻ جو طريقو، واريءَ ۾ وجهي گرم ڪرڻ.

sand bed (سئنڊ بيڊ) n a layer of sand, esp one used in founding or moulding; a toper, ريت جو تهه، واريءَ جو تهه، واريءَ جو تهه ڏئي سانچن ۾ لوهه ۽ ٻئي ڌاتوءَ مان شيون ٺاهڻ.

sand-binder (سئنڊ بائينڊر) n a plant whose roots or rootstocks fix shifting sands, ريگ بند، ريتي جوڙ، ريتيءَ کي جهليندڙ وڻ ۽ ان جي پاڙ.

sandblast (سئنڊبلاسٽ) n a sand-laden wind; sand driven by a blast of air or steam under pressure for glass-engraving, finishing metal surfaces, cleaning stone and metal surfaces, etc, هوا جنهن ۾ واري هُجي، واريءَ ڀريل هوا جيڪا شيشي وغيره تي نڪ ڪرڻ جي ڪم اچي، واريءَ سان نڪڻ.

sand-blind (سئنڊ بلائينڊ) n having imperfect sight; dim-sighted; half-blind, ليٻر الڏو، اڌ الڏو، ليٻر ڪور.

sand blow (سئنڊ بلو) n a sand volcano, واريءَ جو طوفان.

sand box (سئنڊ باڪس) n a box for sand, for sprinkling on railway lines or roads; a sandpit; the explosive capsule of a tropical American tree of the spurge family, ريگ دان، ريت داني، خاڪ داني ، آمريڪي وڻ جو ميوو.

sand boy (سئنڊ بَواءِ) n a boy selling sand, proverbially happy, واري وڪڻندڙ ڇوڪرو، والدو، خوش مزاج ، خوش خورم.

sand-cast (سئنڊ ڪاسٽ) vt to cast in a mould of sand, واريءَ جي سانچي ۾ لوهه وغيره مان شيون ٺاهڻ.

sand-castle (سئنڊ ڪاسل - ڪيسل) n a model of castle made by children at pay on a beach or in a sand-pit, (راند لاءِ ٺاهيل) واريءَ جو قلعو.

sand crack (سئنڊ ڪريڪ) n a crack in a horse's hoof, often causing lameness, سُنب جو چير، ڪرچي وٺي، گهوڙي جو ڪرَ پچي پوڻ.

sand dab (سئنڊ ڊئب) n any of various kinds of small Pacific flatfishes often eaten as food, ساموڊي مڇين جون جنسون.

sand dance (سئنڊ ڊانس) n a dance performed on the sanded surface, واريءَ تي ناچ ڪرڻ.

sand-dart (سئنڊ ڊارٽ) n a British noctuid moth, رات وقت هلندڙ هڪ برطانوي جيت.

sand-devil (سئنڊ ڊيول) n a small whirlwind, ننڍو واچوڙو، هلڪو واچوڙو.

sand dollar (سئنڊ ڊالر) n a flat sea urchin of shallow coastal waters, ساموڊي جانور، ساموڊي ڪنارن جي جيوت جنهن جي بدن تي تارو نُهيل هوندو آهي.

sand dune (سئنڊ ڊيوُن) n a ridge of loose sand drifted by the wind, واريءَ جو دڙو، واريءَ جي پِٽَ.

sand eel or **sand lance** (سئنڊ ايل) n the launce, مڇيءَ جو قسم، ريگي بام مڇي.

sander (سئنڊر) n a tool (esp power-driven) with an abrasive surface, or with a pad to which sand-paper, can be fitted, used to sand wood, گسائڻ واري پنيءَ سان ڪاٺ يا ٻين شين کي گسائڻ جو اوزار، اهو اوزار جنهن تي ريگمال چاڙهي گسائجي.

sanderling (سئنڊرلنگ) n a species of small sandpiper, without hind toe, پاڻيءَ ۽ زمين ٻنهي هنڌن تي رهندڙ پکي، ٽيٽي پکيءَ جي جنس، ساريڙي پکي.

sanders or **sanderswood** (سئنڊرس) n sandalwood, esp red sandalwood, سرخ صَندل، ڳاڙهو صندل ڪاٺ.

sandflag (سئنڊفليگ) n a fissle sandstone, وارياسو پٿر، وارياسو معدني ڌاتو.

sand flea (سئنڊ فلي) n the chigoe or jigger; a sand-hopper, ريت پسو، ڪتي مک (جيت)، ڪڪڙين جي مک، چچڙي.

sand fly (سئنڊ فلاءِ) n a small biting midge; a small moth-like midge that transmits sandfly fever, an influenza-like viral infection, ڪَٽ (جيت)، ريت مک، انفلوئنزا جو زهريلو جيت

sandfly fever (سئنڊ فلاءِ فيور) n an influenza-like viral infection, انفلوئنزا وانگر وچڙندڙ بيماري.

sand glass (سئنڊ گلاس) n a glass instrument, eg an hourglass for measuring time by the running out

of sand. واريءَ جو گهڙيال، ريت گهڙي.

sand grass (سئنڊ گراس) n any grass that grows on sand. واريءَ تي ڦٽندڙ گاهه جو قسم.

sandgroper (سئنڊگراپر) n a pioneer at the time of the gold rush; a W Australian. ڏکڻ آسٽريليا جو باشندو (جنهن پهرياڻين سون ڳولي لڌو).

sand grouse (سئنڊ گراؤز) n any bird of the general pterocles and syrrhaptes, with long pointed wings, once classified as grouse because of their feathered legs but not considered as a suborder related to pigeons, پٽ تتر. پاڙو تتر. پا ليڙ. ٻتيهر. ڪنيڪر.

sandhi (سانڌي) n modification of the sound of a word or affix caused by the context in which it is uttered, ڪنهن لفظ جي اچار جي ڦير گهير. ضرورت وقت اچار ڦيرڻ.

sand-hog (سئنڊ هاگ) n a person who works on underground or under-water construction projects in an enclosed work area supplied with compressed air, زمين اندر يا پاڻيءَ اندر ڪم ڪندڙ ماڻهو.

sand-hopper (سئنڊ هاپر) n an amphipod curstacean of the seashore and tidal estuaries that jumps by suddenly straightening its bent body, سامونڊي ڪنارن جو جيت (جيڪو وقتن فوقتن سڌو ٿي وري گول ٿي ويندو آهي)

Sandinista (سئنڊنيسٽا) n a member of the left-wing revolutionary movement in Nicaragua which overthrew President Samoza, نڪارا گوا جو باغي سپاهي. مخالف مجاهد.

sandiver (سئنڊيوَر) n glass-gall, a scum formed on molten glass, used as a polishing substance. شيشي جي ڳارڻ مهل شيشي جي تهه تي ٺهندڙ ڳوڙهيون.

sandix (سئنڊڪس) n. a kind of red-lead used as a pigment. شيهي وارو ڳاڙهو رنگ. سرخ يا ڳاڙهو.

sand lance (سئنڊ لانس) n the sand eel or launce, بام يا سنگ مڇيءَ جي جنس.

sand-lark (سئنڊ لارڪ) n a name applied to various smaller shore birds; a sandpiper, سامونڊي ڪنارن جي ننڍين پکين جو نالو. سگن وارو چنڊول پکي.

sand leek (سئنڊ ليڪ) n the rocambole, بصر ڪوهي. جابلو ثوم.

sand lizard (سئنڊ لزرڊ) n an oviparous lizard of Europe and S English, ريگستاني ڪرڙي. ريگستاني گلوئي. سالدو.

sandman (سئنڊمئن) n a fairy who supposedly puts children to sleep at bedtime by sprinkling sand on their eyes, ديو مالائي ننڊ آڻيندڙ پري. ننڊ ڪرائيندڙ پري.

sand martin (سئنڊ مارٽن) n a small European swallow, riparia riparia, of the martin family that nests in tunnels hollowed out of sandy banks, ابابيل پکيءَ جو قسم. ريگي ابابيل يا درياهي ابابيل پکي.

sand mason (سئنڊ ميسن) n a tube worm that makes its tube out of sand, زمين اندر سوراخ ڪري ويندڙ جيت. ريگي ڪينئون. واريءَ وارن ڪنارن جا ڪيڙا يا جيتڙ

sand mole (سئنڊ مول) n an African molerat, آفريڪي ڪوئي جو قسم. ڇڇوندر ڪوئو. ريگي ڪئو.

sandpainting (سئنڊپينٽنگ) n the making of designs with coloured sand, as in various American Indian ceremonies, آمريڪي اصلوڪن باشندن جو واريءَ بر مختلف رنگ ملائي زمين تي ٺاهيل چتر.

sand paper (سئنڊ پيپر) n the popular term for glass-paper, a stiff paper coated with powered glass, used as an abrasive; an early form of glasspaper, coated with sand; to smooth or polish with sand-paper, ريتي وارو پنو. پالش پنو. ريگمال. واريءَ پنو. کهرو پنو.

sand-peep (سئنڊ پيپ) n any small sand-piper, ٽيٽو پکي

sand pipe (سئنڊ پائپ) n a tubular hollow in chalk, filled with clay, sand from above, چاڪ مٽيءَ جو خال جيڪو واريءَ ڪري پرجي وڃي.

sand piper (سئنڊ پائپر) n the name for a large number of birds of the scotopacidae family of ground dwelling, wading birds intermediate between plovers and snipe, frequenting sandy shores and river banks and uttering a clear piping note, ٽيٽو پکين جون جنسون جيڪي زمين تي رهن ۽ پاڻيءَ تي به ترن. مختلف قسمن جا ٻوليندڙ پکي. ساحلي ٽيٽو.

sand pit (سئنڊ پٽ) n a place from which sand is dug; an enclosure filled with sand for children to play in, واريءَ جي کڏ. واريءَ پريو ميدان. وارياسو کڏو.

sand plough (سئنڊ پلو) n a vehicle like a snow plough, for clearing roads, railway lines of sand, برف صاف ڪرڻ واري مشين يا گاڏيءَ جهڙي گاڏي جيڪا واريءَ کي صاف ڪري.

sand pride (سئنڊ پرائيڊ) n a small river lamprey, مٽي پاڻيءَ جي مڇي.

sand pump (سئنڊ پمپ) n a pump for raising wet sand or mud, ريگ نل. ريتي لڙو. ريگستاني للڪو. تيل جي کوهه جي کوٽائيءَ واري مشين جيڪا آلي واريءَ يا گپ کي کوٽي سوراخ ڪري.

sand saucer (سئنڊ ساسر) n the egg of certain sea snails. سامونڊي جيتن جي بيضن جو جهڳٽو.

sand-screw (سئنڊ اسڪرو) n a burrowing amphipod (from its wrigling movements), مٽيءَ اندر سوراخ ڪري

رهندڙ جيت، تلاءُ ڪينتان.

sand shoe (سئنڊ شو) n a shoe for walking or playing on the sands in, with a canvas upper and rubber sole, واريءَ تي هلڻ وارو نرم بوٽ (جنهن جو مٿيون حصو ڪپڙي جو ۽ ترو ربڙ جو هجي).

sand skipper (سئنڊ اسڪپر) n a sand-hopper, جيت، واريءَ تي هلندڙ مڪڙ جهڙو جيت.

sand snake (سئنڊ سنيڪ) n a short-tailed, boa-like genus of Old World snakes. ايشيا ۾ صحرا جا مختلف نانگ.

sand spout (سئنڊ اسپاؤٽ) n a moving pillar of sand drawn up by a whirlwind, واچوڙي رستي اڏامندڙ ۽ وسندڙ واري.

sand-star (سئنڊ اسٽار) n an ophiurid, esp of the short-armed kind, such as ophiura, ريگ ماهي، تاري ماهي، تاري جي نشان واري چمڪندڙ مڇي.

sandstone (سئنڊ اسٽون) n a rock formed of agglutinated grains of sand, ريگ، ريگ سنگ، ريت پٿر، ڪَرنڊ، سنگ مرمر پٿر.

sandstorm (سئنڊ اسٽارم) n a storm of wind carrying along clouds of sand, واري جهڪ، انڌاري، ريگ طوفان، مٽيءَ ۽ ڌوڙ جو طوفان، واچَ، واچوڙو.

sand table (سئنڊ ٽيبل) n a tray for moulding sand on or for demonstration of military tactics, an inclined trough for separating heavier particles from a flow of liquid, as in ore-dressing, paper making, واري وجهي ناهيل ميدان جتي جنگ جي تربيت ڏيڻ لاءِ نقشا ۽ چٽ ڪيل هجن، واريءَ سان صاف ڪرڻ واري جڳهه.

sand-thrower (سئنڊ ٿرووَر) n a tool for throwing sand on newly sized or painted surface, نئين صاف ڪيل يا رنگ رستي تيار ڪيل جڳهه تي واري وجهڻ وارو اوزار، ڪربي.

sand trap (سئنڊ ٽرئپ) n a bunker on a golf course; a sand table, گولف جي ميدان ۾ هترادو ناهيل واريءَ وارو حصو.

sand wasp (سئنڊ واسپ) n a solitary burrowing insect of several families related to the true wasps, ريتي ڏينبو، ريگستاني ڏينبو.

sand wedge (سئنڊ ويج) n a golf club specially designed to hit the ball out of bunkers or sand traps, گولف جو ريتيءَ واريءَ زمين تي استعمال ڪرڻ وارو ڏنڊو.

sandwich (سئنڊوچ) n, vt, adj. any sort of food between two slices of bread; anything in a similar arrangement; to lay or place between two layers; to fit tightly or squeeze between two others or two of another kind; to intercalate; of the nature of, relating to or resembling, a sandwich or sandwich course, سئنڊ وچ، سنبوسو، روٽيءَ جي ٻن تهن اندر پيل گوشت وغيره وارو کاڌو، سئنڊوچ جهڙي بيهڪ واري شيءِ، هڪ ٻئي مٿان سٽيل شيون، سئنڊوچ صورت بناوت يا بيهڪ.

sandwich boards (سئنڊ وچ بورڊس) n a pair of advertising placards worn over the chest and back on shoulder straps by a person employed to walk the streets, ٻه اشتهاري بورڊ ڪلهي هلڻ وارو ماڻهو، گهمندڙ ڦرندڙ ٻٽو اشتهار (هڪ اڳيان ٻيو پٺيان).

sandwich construction (سئنڊ وچ ڪنسٽرڪشن) n structural material, consisting of two thin skins either side of a thick core, having an exceptionally high stiffness/weight ratio, ٻٽي اوســـاري (جنهن جي وچ ۾ خال هجي)، بخاري وانگر بيهڪ.

sandwich course (سئنڊوچ ڪورس) n an educational course consisting of alternating periods of study and paid employment, پڙهائيءَ جو اهو نظام جنهن جي ڪورسن جي وچ ۾ وقفو هجي (ته جيئن شاگرد نوڪري وغيره ڪري خرچ جو پوراءُ ڪري).

sand worm (سئنڊ ورم) n the lugworm or other worm that lives on the sand, ريگي ڪينئون، ريگ باش ڪينئون.

sand wort (سئنڊ ورٽ) n any species of Arenaria, plants related to the chickweed; ريتيءَ وارا ٻوٽا، واريءَ ۾ ٿيندڙ ٻوٽا.

sandy[1] (سئنڊي) adj consisting of, covered with, containing or like sand; abounding with sand; measured by sand; coloured like sand, yellowish-beige, واريءَ ڀريل، وارياسو، ريگستاني، ريتيلو، ريگي.

sandy[2] (سئنڊي) n a Scot, اسڪاٽ لئنڊ جو باشندو.

sane (سِين) adj sound in mind; discreet; rational; sound in health; sensible, reasonable, سالم دماغ وارو، سمجهدار، داناءُ، سنئون سوالو، هوشائتو، هوش ڀريو، هوشيار، سمجهو، صحتمند.

sanforize (ise) (سئن فرائز) vt to make (cotton or linen fabrics) proof against shrinking by mechanically compressing the fibres, سوٽي ڪپڙي کي مشين ذريعي سسڻ کان بچائڻ جو طريقو.

sang[1] (سانگ) n a Chinese organ played by mouth, وات سان وڄائڻ وارو چيني ساز.

sang[2] (سانگ) n blood, in oaths; anthrax (Fr), رت جو قسم کڻڻ، رت مٽڻ، ڪارو واءُ.

sangar or sungar (سنگر) n a stone breastwork; a look-out post, اوساريءَ مٿان پٿر جو ڪمر، چوڪيءَ ڏيڻ واري جڳهه، مچان، مورچو، برجَ.

Sangaree (سئنگري) n a W Indian drink of diluted and sweetened or spiced wine, similar to Sangria (Sp), هندستان جو مٺو شراب.

sang-de-boeuf (سا ڊي باف) **n** a deep red colour, as found on old Chinese porcelain (Fr), تيز ڳاڙهو رنگ. قرمزي رنگ، چينيءَ جي ٿانون تي لڳل تيز ڳاڙهو رنگ.

sang-froid (سافرئي آ) **n** coolness; imperturbable calmness; composure; self-possession, (Fr), ٺڏڪار، فرحت، آرام، جمعيت، آنند، شانتي، خود ضابطي وارو، حوصلو جاءِ، چت جي شانتي، ڌيرج.

sanglier (سنگليئر) **n** a wild boar (Fr), جهنگلي سوئر.

sangoma (سنگوما) **n** a witch doctor, جادوگر حڪيم، ٽوٽو ڦيٿو ۽ ٽڪي ڏيڻ وارو طبيب.

sangraal, sangrail or sangreal (سنگريل) **n** the holy grail, (عيسائي عقيدي مطابق) اهو پيالو جنهن ۾ حضرت عيسيٰ عليه السلام جي سوريءَ چڙهڻ بعد سندس رت ورتو يا ڳڙ ڪيو ويو هو.

sangria (سنگريا) **n** a Spanish wine punch with fruit and soda (Sp), اسپيني شربت ۽ شراب جو مرڪب.

sangui - (سنگئي) combining form; denoting - blood, رت، خون.

sanguiferous (سنگئيفرس) **adj** blood-carrying, خون دوڙائيندڙ، رت کڻي ويندڙ.

sanguification (سنگئيفڪيشن) **n** blood-making, رت ٺاهڻ، خون سازي، توليد خون، کاڌي جو قري رت ٿيڻ.

sanguify (سنگيفاءِ) **vi** to make blood; to turn into blood. رت ٺاهڻ، خون پيدا ڪاري.

sanguinaria (سنگئينيريا) **n** the dried rhizome of the blood root used as an emetic, جنس عرق دمر، قيءِ آور دوا.

sanguinary (سنگئينري) **adj** bloody; murderous; savage; cruel. خونخوار، بي رحم، خوني، خونريزيءَ جو، وحشي، قاتل، خون ريز، خون جو پياسي.

sanguine (سنگئن) **adj, vt.** consisting of blood; of the complexion or temperament in which blood was supposed to predominate over the other humours; ardent, confident and inclined to hopefulness; abounding in blood; blood-red; bloody; ruddy; florid; of blood; a blood-red-colour; a red chalk; a drawing in red chalks; to colour blood-red; to stain with blood, اميدن ڀريل، سرگرم، تيز، ڳاڙهو، دموي (مزاج)، رتل، لعل، پڪو (آسرو)، رت ڀريل، ڳاڙهو رت رنگ، ڳاڙهو چاڪ، ڳاڙهن رنگن ۾ ٺاهيل تصوير، رت جا نشان ڪرڻ، ڳاڙها نشان ڪرڻ.

sanguineous (سنگئينس) **adj** of or having blood; blood-red; bloody; sanguine; abounding with blood; full-blooded, سرخ، خون رنگ، خون بردار، دموي، رتو، رت ڀريل، رت جهڙو ڳاڙهو، خوني، رت رتل.

sanguisorba (سنگئيساربا) **n** the burnet genus, ڳاڙهو پوپٽ، رت پيئندڙ جيت.

sanguivorous or sanguinivorous (سنگئيوورس) **adj** feeding on blood, رت خور، رت پياڪ، خون خوار.

sanicle (سنيڪل) **n** a woodland umbelliferous plant with glossy leaves, headlike umbels, and hooked fruits; any plant of the genus; extended to various other plants, ٻوٽن جو قسم، بخملي پن وارو ميويدار ٻوٽو.

sanidine (سنيڊين) **n** a clear glassy variety of potash feldspar, usu tabular, پوٽاش وارو مادو، معدني ڦاٽو.

sanies (سنِ ايز) **n** a water, foul-smelling discharge from wounds or sores, made up of serum, blood and pus, پاڻياٺ، پونءِ، گند، ڦٽ ڦرڙين مان وهندڙ گند، ٺشو.

sanify (سنيفاءِ) **vt** to make healthy (L), تندرست ڪرڻ، سنو ڪرڻ، صفائي ڪرڻ، صحت مند بنائڻ.

sanitarian (سنيٽيرين) **n** one who favours or studies sanitary measures, صفائي پسند، صفائيءَ بابت مطالعو يا اڀياس ڪندڙ.

sanitarium (سنيٽيريم) **n** a sanatorium, صحت گاهه، شفا گهر، صحت بخش.

sanitary (سنيٽري) **adj** pertaining to, or concerned with, the promotion of health, esp connected with drainage and sewage disposal; hygienic; conducive to health, حفظ صحت جو، صحت صفائيءَ جو، صحت لاڳو، صفائي جو (بندوبست) صحت، تندرستيءَ بابت مطالعو ڪندڙ.

sanitary engineer (سنيٽري انجنيئر) **n** a person dealing with systems needed to maintain public health, صحت صفائيءَ جو انجنيئر.

sanitary engineering (سنِي ٽري انجنيئرنگ) **n** the branch of civil engineering dealing with provision of pure water supply, disposal of waste etc, صفائيءَ واري انجنيئري، صفائيءَ لاڳاپيل معاملن جو انجنيئريءَ وسيلي بندوبست ڪرڻ، گند ڪچري کي نيڪالي لڳائڻ جو انجنيئري انتظام.

sanitary inspector (سينيٽري انسپيڪٽر) **n** an official with responsibility for ensuring that standards of hygiene, were adhered to, both in commercial and domestic establishments, صفائيءَ جو انسپيڪٽر، صفائي چڪاس عملدار.

sanitary towel (سينٽري ٽاول) **n** a pad of absorbent material for wearing during menstruation, زالن جو ماهواريءَ جو رت جذب ڪرڻ لاءِ استعمال ۾ ايندڙ ڪپهه يا ململ جي ڪپڙي جي ننڍي گدي يا ويڙهو، ڪپهه جو ويڙهو.

sanitary ware (سنيٽري ويئر) **n** coarse-glazed earthenware for sewer pipes; such as plumbing fixtures, غسل خانن جي گندي پاڻيءَ جي نڪاسيءَ وارا نڙا، غسل خاني جون مختلف شيون يا ڪينڊيون، ٽب، نل وغيره.

sanitate (سنيٽيٽ) vt to make sanitary; to furnish with sanitary appliances or wares, صفائي رکڻ، صحت جي قاعدن جي پابندي ڪرڻ، صحت صفائيءَ وارا اوزار مَهيا ڪرڻ.

sanitation (سنيٽيشن) n. measures for the promotion of health and prevention of disease, esp drainage and sewage disposal, صفائي، پرهيز، تحفظ صحت، علم صحت، روڳ ليکال، صفائيءَ جو بندوبست، حفظ صحت.

sanitize (-ise) (سنيٽائيز) vt to make sanitary; to make clinically or starkly, unwelcomingly clean; to clean up, make more acceptable by removing offensive elements, words, connotations, etc, صفائي رکڻ، صاف ڪرڻ، سڌاري بهتر ڪرڻ، فحش مواد ڪڍي سڌارڻ.

sanity (سنٽي) n state of being sound; health; soundness of mind; rationality, تندرست ڪرڻ، صفائي ڪرڻ، سنئو ڪرڻ، سياڻپ، عقلمندي، حوصلو جاء، من جي شانتي، دماغي طور بهتر، هوشيار، چست، چالاڪ.

San Jose scale (سئن هوزي اسڪيل) n an E Asian scale insect, introduced into the US, where it causes great damage to fruit trees, (آمريڪا جو) ميويدار وڻن جو نقصانڪار جيت.

Sankhya (سانکيا) n one of the six great systems of orthodox Hindu philosophy, teaching that salvation is gained through the eternal interaction between spirit and matter, هندو فلسفي جي ڇهن متن مان هڪ مت (جنهن مطابق نرواڻ حاصل ڪرڻ لاء دنيا ۽ روح جي وچ ۾ اعتدال ۽ لاڳاپو بهتر رکڻ گهرجي).

sannie (سئني) n a sandshoe, واريءَ تي هلڻ وارو بوٽ (جنهن جو مٿيون حصو ڪپڙي جو ۽ ترو ربڙ جو هجي).

sannup (سئنپ) n a married male N American Indian, اتر آمريڪا جو اصلوڪو شادي شده مرد باشندو.

sannyasi (سنياسي) n a Hindu ascetic or hermit who lives by begging (Hindi_sans) سنياسي، جوڳي، فقير، منگتو، پٽ فقير، پينو.

sans (سئنس) prep without; deprived of (Fr), ڪانسواء، بنا، رهيء.

sans-appel (سئنس اپيل) n a person against whose decision there is no appeal (Fr), (اختياري يا عملدار) جنهن جي فيصلي خلاف اپيل نه ڪري سگهجي.

sans ceremonie (سئنس سيريمني) n without ceremony, informally (Fr), بلا تڪلف، عام رواجي طريقي سان.

sans-culotte (سڪيولاٽ) n (in French Revolution) a strong republican democrat, or violent revolutionary (Fr), جوشيلو جمهوري ڪارڪن، جمهوريت جو حامي، انقلاب جو اعتقادي.

sansei (سئنسي) n a resident of the Americans born of the offspring of Japanese immigrant parents (Jap - third generation), جپاني آبادڪارن جو آمريڪا ۾ جاول بار.

sanserif (سئنسيرف) n (printing) a type without serifs, سادي ڇپائيءَ جو طريقو.

sansevieria (سئنسي ويريا) n any liliaceous plant of the genus, esp a houseplant with sword-like leaves, known as mother-in-law's tongue, and include plants yielding bowstring hemp, ولدار ٻوٽي جو قسم جنهن جا پن تلوار شڪل آهن، لشيدار رس وارو ٻوٽو، ڪمان جي ڏوري ٺاهڻ لاء ڪم ايندڙ ڪل وارو ٻوٽو.

Sanskrit or Sanscrit (سنسڪرت) n the ancient Indo-European literary language of India; the Sanskrit language. سنسڪرت، سنسڪرت ٻولي، هندستان جي پراڻي ادبي ٻولي.

Sanskritist (سنسڪرتسٽ) n a person skilled in Sanskrit, سنسڪرت ٻوليء جو ماهر.

sans nombre (سئنس نومبر) repeated often, and covering the field (Fr), ورجائڻ، ساڳي ڳالهه وري وري ڪرڻ، احاطو ڪرڻ.

sans phrase (سئنس فراز - فريز) without phrases of courtesy, without circumlocution (Fr), بنا لحاظ جي، سڌو سنئون، کليو کلايو، بنا رک رکاء جي.

sans souci (سئنس سَوسي) without care or worry (Fr), بنا ڳڻتيء جي، بنا فڪر جي، بنا خوف خطري جي.

sant (سئنٽ) n a devout person, saint (esp in Sikhism) (Hindi), بزرگ، ولي، سنت، گرو، اولياء، ڀڳت، الله لوڪ.

Santa Claus (سئنٽا (سانٽا) ڪلاز) n a fat white-bearded old man dressed in a red coat or robe who by tradition brings children Christmas presents; an improbable benefits, هڪ (عيسائين جو) خيالي وڏيء عمر ۽ اڇيء ڏاڙهيء وارو ماڻهو جيڪو ڪرسمس جي عيد جي موقعي تي ٻارن لاء تحفا رکي ويندو آهي، غير اعتباري ۽ اتفاقي نفعو يا فائدو آڻيندڙ.

santal (سئنٽل) n sandalwood, صندل وڻ، چندن ٻوٽو.

santalaceous (سئنٽيليَس) adj of or characteristic of the sandalwood genus, or sandalwood family, صندل جهڙو، صندلي، چندن.

santalin (سئنٽلن) n the colouring matter of red sandalwood, جوهر صندل.

santolina (سئنٽولينا) n a plant of the genus of fragrant Mediterranean shrubs related to the camomile, with dissected leaves and clustered flower heads, يونوج سمنڊ جي علائقي جو خوشبودار ٻوٽو.

santon (سئنٽن) n an Eastern dervish or saint (Sp), درويش، فقير، وَلي، خدا کي ڀڳت، گرو، اولياء، بزرگ، الله لوڪ.

santonica (سئنٽونيڪا) n the dried unexpanded flower-

head of a species of wormwood, هڪ وڻ جا سڪل گل.

santonin (سنٽونن) **n** an anthelminitic extracted from santonica جو عرق (جيڪو هڪ وڻ جي گلن مان حاصل ڪيو it ويندو آهي).

sap[1] (سپ) **n, vt, vi.** vital juice that circulates in plants: juice generally; sapwood; a saphead; a weak or foolish person; a plodding student; any object used as a bludgeon; to play the part of a ninny; to be studious; to drain or withdraw the sap from; to drain the energy from, exhaust; to strike with, or as if with, a sap, رس، ڳر، آڙ، سرنگهه، جنجال. عرق، ست، جوهر، کير، شير، ست ڪڍڻ، ست نيوڙڻ، عرق ڪڍڻ، خشڪ ڪرڻ، قوت ڇڪي ڪڍڻ، ٿڪائڻ، هڄائڻ، ڪم ڪار ڪان وڃائڻ، رس وهائي ڇڏڻ، رس يا ڳر سان ٽٽڻ، پرڻ، هڻڻ.

sap[2] (سپ) **n** sapping: a trench by which approach is made towards a hostile position: to undermine or weaken: to make a sap: to proceed insidiously, ست ڪڍڻ، پاڙون کوٽڻ، پاڙ ڪان ڪاٽڻ، آڙون، اندرئون ئي اندرئون ڪاٽ هڻڻ، (پڙهڻ لاء) نور نچوئڻ، محنتي ماڻهو، کهل ڪينداڙ، جنجال سرنگهه، ست ناهڻ، لکي يا ڇپي هلڻ.

sapajou (سپاجو) **n** a South American capuchin monkey: a spider monkey (Fr). ننڍي قد وارن پولن جي جنس.

sapele (سپيلي) **n** a wood resembling mahogany, used for furniture: a W African tree of the genus yielding this wood. ڳاڙهي رنگ وارو عمارتي ڪاٺ ڀ ان جو وڻ. سرخ ڪاٺ.

saphena (سفينا) **n** either of two large superficial veins of the leg draining blood from the foot, سطحي نس، رڳ، ٽنگن جون رڳون.

saphir d'eau (سفير ڊو) **n** an intensely blue variety of cordierite found in Sri Lanka (Fr). سريلنڪا ۾ ملندڙ تيز نيري رنگ وارو معدني ڌاتو.

sapid (سپڊ) **adj** savoury: agreeable; having a perceptible or decided taste: relishing, exhilarating, لذيذ، سوادي، مزيدار، ذائقيدار، رسيو، خوش ذائقو.

sapience (سپينس) **n** discernment, judgement, wisdom. دريافت، امتياز، سُرت، پروڙ، عقل، تيز فهمي، سمجهه سڃاڻ، پرجهه، اٽڪل، چترائي، ڏاهپ، سياڻپ، ڏانائي، زيرڪي وکيتا، گيان.

sapient (سپينٽ) **adj** showing wisdom; wise; sage; discerning; sagacious. ڏاهو، عقلمند، سمجهو، تمام سياڻو، تيز فهم، ڏاهو، زيرڪ، گوتي، سُرتو.

sapindaceous (سپنڊيشس) **adj** of, belonging to, or characteristic of the Sapindus genus of plants, including soapwort. ڳرڻ يا رسدار بوٽن جي جنس.

جي جنس، جنسي ريٺو، آڙيٺو، (آريٺڙو بوٽو).

sapium (سيپيم) **n** the tallow-tree genus of the spurge family, رس ڏيندڙ وڻ جي جنس.

sapi-utan or **sapi-outan** (ساپيُوتان) **n** the wild ox of celebes, انڊونيشيا جو جهنگلي ڍڳو، روجهه.

sapless (سپليس) **adj.** withered; dry. بي رس، سڪل، خشڪ، بي عرق، بي شيرو، پرڻو، ڪهنو، بي ڳر.

sapling (سپلنگ) **n** a yourg tree, a young grey hound. ڪچڙو بوٽو، ننڍو بوٽو، ڇڪي، ڳوشو، ڳوهو، ڪچي ڪالي، ڪچو بوٽو، سَلو، ڳلر، شڪاري ڪتي جو بچو.

sapodilla (سپاڊيلا) **n** a large evergreen sapotaceous tree of the W Indies, etc, چوڪو (پاچي)، آمريڪي آلوچو (وڻ).

saponaceous (سيپونيسس) **adj** soapy; soaplike, صابڻ جهڙو، صابڻي، صابڻ آميز، صابڻي خاصيت وارو.

saponaria (سپونيريا) **n** any plant of the soapwort genus, جنس آريٺو بوٽو، ٽڪلو (بوٽو).

saponification (سپونيفڪيشن) **n** the process of turning into a forming soap; hydrolysis of esters into acid and alkali, صابڻيت، صابڻ سازي، صابڻي عمل.

saponify (سپونيفاء) **vt** to convert fat into soap by combination with an alkali; to become soap; of esters, to undergo hydrolysis into acid and alkali, صابڻ ناهڻ، صابڻ بنائڻ، صابڻ جوڙڻ.

saponin (سپونن) **n** a glucoside derived from various plants such as soapwort, that gives a soapyfroth, آريٺي جو جوهر، آريٺي مادو.

saponite (سپونائٽ) **n** a soapy amorphous silicate of magnesium and aluminium found in cavities in serpentine, صابڻ جي خاصيتن وارو معدني مادو.

sapor (سپر) **n** savour; relish; a property of a substance that is perceived by the sense of taste; flavour, لذت، سواد، ذائقو، مزو.

sapota (سپوٽا) **n** another name for sapodilla, آمريڪي آلوچو (وڻ).

sapotaceous (سپوٽيشس) **adj** of, belonging to, or characteristic of a family of tropical plants and trees, include sapodilla, gutta-percha, ربڙ جهڙي رس ڏيندڙ وڻ، آمريڪي آلوچي جنس وارا وڻ، رسدار وڻ، ربڙ وڻ.

sappan or **sapan** (سپن) **n** brazil-wood, ڳاڙهو يا سرخ ڪاٺ، برازيلي ڪاٺ.

sapper (سپر) **n** one who saps, a private in Royal engineers سرنگهون لڳائيندڙ، قلعي بندي ڪندڙ فوجي، فوج جو سپاهي.

sapperment (سپرمينٽ) **interj** a German oath (Ger),

(جرمن) حلف، قسم.

sapphire (سَفائر) **n** a brilliant precious variety of corundum, generally of a beautiful and rich blue; the blue colour of a sapphire; made of sapphire; deep pure blue, نيلم، يا قوت (نيرو پٿر) سبز ياقوت، زمرد، گهاٽي نيري رنگ وارو معدني مادو، نيلم جواهر.

sapphire-quartz (سَفاير ڪئارٽز) **n** a blue quartz, شيشائون نيلم يا ياقوت.

sapphire-wing (سَفاير ونگ) **n** a blue-winged humming -bird, نيرن پرن وارو پکي، نيرو چيهو پکي، آمريڪي رس چوسيندڙ پکي.

sapphired (سَفائرڊ) **adj** coloured with sapphire blue. نيرو رنگ ڪيل، نيري رنگ وارو.

sapphirine (سَفارائن) **adj** made of, or like sapphire, نيلمي، نيلم جهڙو، نيلم پٿر جو ٺهيل.

Sapphism (سَفزم) **n** lesbianism, with which a great Greek poetess of lesbos, was charged by ancient writers, هم جنس پرست (عورت)، عورتن جي هم جنس پرستي، عورتن جي باهم همبستري.

sapple (سَپل) **vt** to wash clothes by hand in soapy water, صابڻ واري پاڻيءَ ۾ ڪپڙا ڌوئڻ، هٿن سان صابڻ هڻي ڪپڙا ڌوئڻ.

sapraemia (سَپريميا) **n** blood poisoning resulting from the presence of toxins of saprophytic bacteria in the blood, غليظ رت، گندو خون، گندو رت، خراب رت.

saprobe (سَپروب) **n** an organism living in foul water, گند ٻوٽو، غليظ آبي ٻوٽو، ڪني پاڻيءَ جو ٻوٽو.

saprobiotic (سَپروبايوٽڪ) **adj** feeding on dead or decaying plants or animals, غلاظت باش، گند باش.

saprogenic or **saprogenous** (سَپروجينڪ) **adj** growing on decaying matter; causing or caused by putrefaction, غلاظت پيدائش، سڙاءُ، غلاظت خور ٻوٽو، گندي مواد تي پيدا ٿيندڙ ٻوٽو.

saprolegnia (سَپروليگنيا) **n** any fungus of the genus, one species of which grows on diseased salmon and was formerly thought to be the cause of the disease, فنگيءَ جي جنس، مثل مڇيءَ جي تهه تي ٿيندڙ فنگي يا ساڙ.

saprolite (سَپرولائيٽ) **n** a soft, partially decomposed rock that has remained in its original site, ڳريل پٿريلو يا معدني مادو جيڪو پنهنجي اصل جڳهه تي موجود هجي.

sapropel (سَپروپيل) **n** slimy sediment laid down in water, largely organic in, or derived from, sapropel, پاڻيءَ هيٺ زمين جي تهه وارو مادو (جيڪو اتي جمع ٿيندو رهيو هجي).

sapropelic (سَپروپيلڪ) **adj** pertaining to, living in, or derived from, sapropel, پاڻيءَ جي تر واري زمين يا مادي متعلق، ان ۾ رهندڙ جيوت.

sapropelite (سَپروپيلائٽ) **n** coal formed from sapropel. پاڻيءَ اندران ملندڙ ڪوئلو.

saprophagous (سَپروفيگس) **adj** feeding on decaying organic matter, گند خور، غلاظت خور.

saprophile (سَپروفائيل) **n** a bacterium inhabiting putrid matter, گند پسند، غلاظت پسند.

saprophyte (سَپروفائيٽ) **n** a fungus or bacterium that feeds upon dead and decaying organic matter, گند خور ٻوٽو، غلاظت خور ٻوٽو، مرده خور ٻوٽو، مرده خور نباتي جيوڙو.

saprozoic (سَپروزوئڪ) **adj** feeding on dead or decaying organic material, جانور جي ڳريل مڙهه، جانور جي گندي لاش کي کائيندڙ، مردار خور.

sapsago (سَپسيگو) **n** a hard Swiss green cheese made from skimmed milk and melilot, سائو پنير جيڪو بنا سٿڀ واري کير مان ٺهندو آهي.

sapsucker (سَپسڪر) **n** either of two N American wood peckers which feed on the sap from trees, آمريڪي ڪاٺ ڪٽي پکيءَ جي جنس.

sapucaa (سَپوڪا - سيا) **n** a Brazilian tree whose urn-shaped fruit (monkey-pot) contains a number of finely-flavoured oval seeds or nuts, برازيل جو ميويدار وڻ.

saraband or **sarabande** (سَرا بئنڊ) **n** a slow Spanish dance or dance tune; a suite-movement in its rhythm (Sp), اسپين جو ناچ ۽ ان لاءِ سازينو.

Saracen (سَراسن) **n** a Syrian or Arab nomad; a Muslim esp an opponent of the Crusaders: a moor or Berber; a non-Christian, مسلمان، شامي يا عرب بدو، مسلمان باشندو، عرب مسلمان جيڪي مذهبي جنگيون ڪندڙ عيسائين جي خلاف هئا، بربري ۽ زنگي مسلمان جن اسپين فتح ڪيو.

Saracenic architecture (سَراسينڪ آرڪيٽيڪچر) **n** a general name for Muslim architecture, مسلمانن جي عمارت سازي.

sarafan (سَرا فَن) **n** a Russian peasant woman's cloak (Russ), روسي آبادگار عورتن جو لباس، زمين تي ڪم ڪار ڪندڙ هارياڻين جو کهڪهي وارو لباس.

Saran ® (سرَن) **n** a thermoplastic resin based on a copolymer of vinylidene chlodie and vinyl chloride, used in making fibre, هڪ هترادو ڪيميائي رس جيڪا ڌاڳي ٺاهڻ جي ڪم اچي، پلاسٽڪ جو ٿانون ٺاهڻ وارو مادو.

sarangi (سارنگي) **n** an Indian string instrument, played like a fiddle (Hindi) سارنگي، ستار ساز، تارن وارو ساز.

Saratoga (سٽراٽوگا) **n** a large travelling trunk. سفر يا مسافريءَ جي لاءِ وڏي پيٽي.

sarbacane (سارباڪين) **n** a blowpipe for shooting animals with (Fr), نڙي وارو هٿيار جنهن سان شڪار ڪري سگهجي.

sarcasm (سارڪِزم) **n** a bitter cutting jest; language expressing scorn or contempt, often but not necessarily ironical: a jib, the quality of such language. طعنو، ٽوڪ، مهڻو، هَجو، طنز، ٽوڪبازي.

sarcastic (سارڪِسٽڪ) **adj** containing or inclined to sarcasm; scornfully severe; taunting. طعني وارو، ٽوڪائتو، طعني طور، حقارت آميز، طعنائتو.

sarcenchyme (سارسينڪائم) **n** a soft tissue of sponges with closepacked cells and reduced gelatinous matrix. جيوڙن جا نرم ۽ نازڪ اوجا، تنتون ۽ لسون.

sarco- or **sarc-** (سارڪو) combining form: denoting flesh or fleshy tissue. گوشت، لحم، ماس.

sarcocarp (سارڪوڪارپ) **n.** the fleshy pericap of a stone fruit. ڳر، ڳردار ميوو، لحم، لحمي ثمر، رسدار ميوو.

sarcocolla (سارڪوڪولا) **n** a Persian gum from Astragalus or other plants, reputed to heal wounds. ڪٿونر، لاک، گلو، ايراني ڪٿونر.

sarcocystis (سارڪوسسٽس) **n** a sporozoan of the genus, parasitic in muscles of mammals. لحمي ذرڙات.

sarcode (سارڪوڊ) **n** structures gelatinous matter forming the bodies of animals belonging to the protozoa; protoplasm, esp of protozoans. حيات مايو. جانورن جو بدن جوڙيندڙ حيات مادو.

Sarcodes (سار ڪوڊس) **n** the Californian snow-plants genus. (ڪيليفورنيا جا) برفاني علائقن وارا ٻوٽا.

sarcodic (سارڪوڊڪ) **adj** protoplasmic: resembling flesh. لحم، گوشت وارو.

Sarcodina (سارڪوڊينا) **n pl** a class of Protozoa with pseudopodia. جيان جو قسم.

sarcoid (سارڪائڊ) **adj** resembling flesh; flesh-like; a fleshy tumour; short for sarcoidosis. گوشت جهڙو، لحم نما.

sarcoidosis (سارڪا ئڊوسس) **n** a chronic disease of unknown cause characterized by the formation of nodules in the lymph nodes, lungs, skin etc. هڪ بيماري جنهن جو اڻ معلوم سبب ڪري غدودن، ڦڦڙن ۽ چمڙيءَ ۾ ڳوڙهيون ٿي پونديون آهن.

sarcology (سارڪولاجي) **n** the anatomy of the fleshy parts of the body. علم لحميات، علم گوشت، علم تشريح لحميات.

sarcoma (سارڪوما) **n** a tumour of connective tissue; any fleshy excrescence; a fleshy disc. گوشت وارو، لحمي، سور لحمي، گوشت جو ڳوڙهو.

sarcomatosis (سار ڪوميٽوسس) **n** a condition characterized by the formation of sarcomas in many areas of the body. لحمي ڳوڙهي سازي گوشت جي ڪمي.

sarcomere (سارڪو ميئر) **n** a unit of myofibril of a muscle tissue. لحمي حصا، گوشت ٽڪرا.

Sarcophaga (سارڪو فيگا) **n** a genus of flesh-flies. لحم خور، ماس خور مکيون

sarcophagal (سارڪوفيگل) **adj** flesh-eating; of or relating to sarcophagi. لحم خور، ماس خور.

sarcophagous (سارڪو فيگس) **adj** flesh eating; feeding on flesh. گوشت خور، لحم خور، گوشت کائيندڙ.

sarcophagus (سارڪو فيگس) **n** a coffin of stone; a limestone used by Greek for coffins, thought to consume the flesh of corpses; a stone coffin, esp one with carvings; a tomb or cenotaph of similar form. پٿر جو ڪفن، پٿر صندوقي تربت، پٿريلي تربت.

sarcoplasm (سارڪو پلازم) **n** the protoplasmic substance separating the fibrils in muscle fibres. گوشت مايو، لحم مايو.

Sarcoptes (سارڪو پٽيز) **n** a genus of small mites including the human itch mite. سنهڙا جيت جيڪي بدن کي چنبڙن، جيئن جونءِ، چچڙ، پسون.

sarcosaprophagous (سارڪو سئپروفيگس) **adj** feeding on decaying fish. ڳريل مڇيءَ تي پلجندڙ (جيوت).

sarcous (سارڪس) **adj** of flesh or muscle. گوشت وارو، لحمي.

Sard (سارڊ) **n** and **adj** Sardinian. عقيق احمر، ڳاڙهو عقيق.

sard or **sardius** (سارڊ آر ساريڊيس) **n** a deep-red or brownish variety of chalcedonic silica. تيز ڳاڙهو يا ناسي رنگوارو پرندڙ جبل مان نڪرندڙ معدني ڌاتو.

sardel or **sardelle** (سارڊل) **n** a small fish related to the sardine. تارلي مڇيءَ سان مشابهت رکندڙ مڇي.

sardine[1] (سارڊِين) **n** a young pilchard, commonly tinned in oil; applied at various times and places to other fishes. تارلي مڇي، لور، لوگر، چاڪو، مڇين جون جنسون.

sardine[2] (سارڊائين) **n** a biblical name for sard stone عقيق احمر، ڳاڙهو عقيق پٿر.

sardonic (ساردونڪ) **adj** bitterly ironical; sarcastic;

mockingly scornful, heartless or bitter; sneering. نقلي، بناوتي، مصنوعي، چٿر ڪندڙ، ٽوڪائتو.

sardonyx (سارڊنڪس) n a precious stone; an onyx with bands of cornelian or sard. عقيق سليماني، سنگ سليمانيءَ جو قسم، رتن جواهر جو هڪ قسم.

sargasso (سارگئسو) n gulfweed; a floating mass or expanse of it, as in the Sargasso Sea in the North Atlantic. سامونڊي گاهه، بحري گند گاهه، ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ ترندڙ گاهه جا ٻيٽارا.

sargassum (سارگئسم) n any brown seaweed of the genus, of warm seas, with air sacs enabling it to float on the surface of the water. سامونڊي ناسي رنگ وارا ٻوٽا جيڪي سامونڊي مٿاڇري تي ترندا رهندا آهن. سامونڊي ٻي ٻاڙ ٻوٽا.

sarge (سارج) n sergeant. سارجنٽ، حوالدار.

sargus or **sargos** (سارگس) n a fish (sea bream) of the genus Sargus. ڏائي، ڏنديوڦوڪيو، ڏنديو ڪسي، ڪوٽ لاڙو، ڏنديو يا ڏندن واري نسل جي مڇي.

sari or **saree** (ساري) n a Hindu woman's chief garment, a long cloth wrapped round the waist and passed over the shoulder and head (Hindi). ايشيائي کنڊ جي عورتن جي پوشاڪ ساڙهي، هڪ ننگ واري زناني پوشاڪ.

sarin (سارن) n a compound of phosphorus $C_4H_{10}FPO_2$ used as a lethal nerve gas (Ger) گئس وارو مايو، بيهوش ڪندڙ گئس، هوش وڃائيندڙ گئس.

sark or **serk** (سارڪ) n. a shirt or chemise; a surplice; a lining for a roof, usu of wood or felt. قميص يا ڪڙتو، ڇت جي پاسن تي لڳائڻ واري پٽي يا ڪناري.

sarky (سارڪي) adj sarcastic. طعني وارو، ٽوڪائتو، حقارت آميز.

sarment (سارمينٽ) n a cut twig or cutting; a sarmentum; a long weak twig. شاخ، تاري، لام، سنهي تاري.

sarmentous or **sarmentaceous** (سارمينٽيشس) adj (of plants) having sarmenta or runners; creeping. شاخدار، گهڻ شاخي، ڊگهي شاخدار، ولدار، چوٽي واڌ ٻوٽا يا وليون.

sarmentum (سارمينٽم) n a running stem giving off leaves or roots at intervals. شاخ، تاري، ول ڏانڊي.

sarnie or **sarney** (سارني) n a sandwich. سئنڊ وچ، ٻن مانيءَ جي تهن اندر ڀيل ڀاڄيءَ وارو ڪاڌو.

sarod (سرود) n an Indian instrument like a cello, with strings that are plucked (Hindi). سرود (ساز)، تارن وارو ساز.

sarong (سرونگ) n a Malay skirt like garment for a man or woman; a cloth for making it (Malay). سوٽي يا ريشمي ڌاري دار چادر، ليڪن واري يا پٽاپٽي ڪپڙي مان ٺاهيل جامو (ملائي پوشاڪ).

saros (سيروس) n an astronomical cycle of 6585 days and 8 hours, after which relative positions of the sun and moon recur; a Babylonian cycle of 3600 years. نظام شمسيءَ جو هڪ چڪر جيڪو ٦٥٨٥ ڏينهن ۽ اٺن ڪلاڪن ۾ پورو ٿئي ٿو (ان حالت ۾ چنڊ ۽ سج پنهنجي ساڳين حالتن ۾ موٽي اچن ٿا).

sarracenia (سارسنيا) n an American insectivorus flowering plant of the genus, with leaves modified to form pitchers for trapping insects. آمريڪي جيت خور ٻوٽو.

sarrasin or **sarrazin** (سارازن) n buck wheat (Fr). ملڪي جنس واري ڪڻڪ، ٻوجروڪڻڪ، ڀڪ، ڪاري ڪڻڪ، وڏي داڻي وارو ان.

sarrusophone (سروسافون) n a reed instrument of brass. نامي يا پتل جو ڦوڪ سان وڄائڻ وارو ساز، توتارو.

sarsaparilla (سارساپيلريا) n any tropical American plant of the genus Smilax; its rhizome or dried root; a soft drink flavoured with this; a medicinal preparation from it; extended to various plants or roots of similar use. گل عشبو (ٻوٽو ۽ ان جي پاڙ)، عرق عشبه.

sarsen (سارسن) n a greywether. پٿر جو اپريل ٽڪر، هوا وغيره لڳڻ ڪري صورت ورتل پٿر.

sarsenet, sarcenet or **sarsnet** (سارسنٽ، سارسينٽ) n a thin tissue of fine silk: made of sarsenet. نفيس، نرم. نفيس ريشم جو ٺهيل.

sartor (سارٽار) n a tailor. درزي.

sartorial (سارٽوريل) adj pertaining to a tailor, tailoring, dress, or to the sartorius. درزيءَ متعلق، درزپو، سلائي، سيو، بدني مشڪ يا پَٺي متعلق.

sartorius (سارٽوريَس) n a narrow ribbon-like muscle at the front of the thigh, the longest muscle in the body, helping to flex the knee. ران جي ٽنگ جي مُشڪ، هڪ ڊگهي مُشڪ جو نالو، انساني بدن جي وڏي ۾ وڏي مشڪ جيڪا گوڏي کي هلڻ ۾ مددگار ٿي آهي.

sarus (سارس) n an Indian crane. وڏو ڪونج جنس جو پکي، بگهه پکي، هندستاني سارس پکي، سارنگ، سارڙهو پکي.

sash[1] (سش) n a long band or scarf worn round the waist or over the shoulder for ornament; to dress or adorn with a sash (Ar). ٻوچڻ، ٻوڇڻي، ريشمي رين چيلهه بند، لونگي، پوتي، دوپٽو.

sash[2] (سش) n a frame, a sliding frame, for window panes; to provide with sashes. دريءَ جي شيشي جي چوکٽ يا چولڪ يا چوکٽ.

sash cord (سش ڪارڊ) n a cord attaching a weight to the sash in order to hold it open at any height.دريءَ (يا روشندان) کي کولڻ ۽ بند ڪرڻ لاءِ ٻڌل ڏوري.

sash weight (سش ويٽ) n either of two counterweights in a sash windowدريءَ (يا روشندان) کي کولڻ ۽ بند ڪرڻ لاءِ وزن وارو نظام.

sash window (سش ونڊو) n a window with a sash or sashes, as opposed to casement window (Fr).هيٺ مٿي کلندڙ دري، عام درين جي بر عڪس روشن دان وانگر هڪ تاڪي دري.

sashay (سَشي) vt to walk or move in a gliding or ostentatious way; an excursion.آرام سان هلڻ، فرحت سان هلڻ، مزي سان گهمڻ ڦرڻ.

sashimi (سشيمي) n a Japanese dish of thinly-sliced raw fish served with soy sauce, grated radish, etc (Jap). جپاني اڻ پڪل مڇيءَ وارو مصالحو پيل کاڌو.

sasin (سسن) n the blackbuck or common Indian antelope, remarkable for swiftness and beauty (Nepalese). هرڻ، ڪار سرو ڪاريهر هرڻ، جنس، ساسن هرڻ.

sasine (سَيسن) n the act of giving legal possession of feudal property, infeftment. زميندار يءَ جو قانوني قبضو ڏيڻ، جاگير بخشش ڪرڻ.

saskatoon (سساڪاٽون) n a small tree or shrub of NW US and Canada; its edible purple fruit.(آمريڪا ۽ ڪئناڊا جو) ڪاچرو ميوي وارو ٻوٽو.

sasquatch (سسڪئيچ) n in folklore, a large hairy manlike creature said to inhabit parts of W Canada (اتر ڪئناڊا جو) هڪ خيالي ماڻهوءَ جو روپ جنهن جي بدن تي وڏا وار آهن، برفاني بن مانس، گوريلو، برفاني ديو.

sass (سس) n impertinent talk or behaviour; to be impertinent to. بڪواس، بيهودو ڳالهاءِ، شوخي، بيهودگي ڪرڻ.

sassaby (سيساباءِ) n the bastard bartebeest, a large S African antelope..ڏکڻ افريڪا جو وڏو روجهه جنس هرڻ، آفريڪي روجهه جانور.

sassafras (سسفرس) n a tree of the laurel family in N America; the bark of its root, a powerful stimulant; an infusion of it; extended to various plants with similar properties. (Sp.)اتر آمريڪا جي وڻ جي کل ۽ پاڙ جيڪا دوا جي ڪم ايندي آهي، ٻوٽي جي پاڙ يا چوڏي مان تيار ڪيل جوشاندو.

sassafras nut (سسفرس نٽ) n the pichurim bean, whose oil smells like sassafras oil. (Sp.)ڦري جنهن مان تيل حاصل ٿئي ٿو.

sassafras oil (سسفرس آئل) n a volatile aromatic oil distilled from sassafras. (Sp.)ڦرين مان حاصل ڪيل خوشبودار ۽ ٻرندڙ تيل.

Sassanid (سسانڊ) n one of the Sassanidae, the dynasty that ruled Persia from AD 226-641..ساساني، ايران ۾ ساساني حڪمرانن جو دؤر.

sasse (سس) n a sluice or lock (Du).ماڇول، پاڻيءَ ڦاٽ، آب بند دروازو.

Sassenach (سَسانڪ) n a name applied by British Celts to Saxons; an Englishman; a Lowlander. انگريز، عام يوربي ماڻهو.

sassolite (سيسولائيٽ) n native boric acid, first found near Sasso (a province of Pisa). سهاڳي جو تيزاب.

sastruga (سس ٽروگا) n one of the long parallel ridges of snow and ice that form on open wind-swept plains in snowy regions.جبلن تي پيل برف جو پٽيءَ شڪل تهه.

Satan (سيٽن) n the chief of fallen angels; Lucifer; the chief evil spirit, adversary of God and tempter of men, the Devil; a devil. شيطان، ابليس، عزازيل.

satanic (سيٽنڪ) adj. having the qualities of Satan; devilish; infernal. شيطان جو، شيطاني، دَشتانيءَ جو، نقصانڪار، جهنمي، دوزخي، لرگ يا لرڪ جو.

satanism (سيٽنزم) n Satan-worship; devilish disposition. شيطان جي پوڄا، شيطاني خصائل.

satanophany (سيٽنوفوني) n an appearance of Satan. شيطان جو وجود يا موجودگي.

satanophobia (سيٽنوفوبيا) n fear of the Devil.شيطان جو خوف.

Satan monkey (سيٽن مانڪي) n the black saki.ڪارو ريشمي باندر، ڪاري جنس وارو پولو، اميزان جهنگلن جا ريشمي وارن، ڏاڙهيءَ ۽ ڏگهي پڇ وارا پولڙا، شيطاني پولڙا.

satang (سٽنگ) n a monetary unit of Thailand, one hundredth of a baht. ٿائلينڊ جو ننڍو سڪو.

satara (ساٽارا) n a ribbed, hot-pressed and lustred woollen cloth. گرم ۽ اوني ڪپڙو.

satay (سَٽي) n a Malaysian dish of marinated meat barbecued on skewers (Malay).ملائيشيا جو مصالح پيل سيخ تي پڪل گوشت جو کاڌو.

satchel (سٽچل) n a little sac or bag, usu with shoulder straps, esp as traditionally carried by school children. ٿيلهو، ٻارن جو ڪلهي وارو ٿيلهو.

sate (سيٽ) vt to satiate; to satisfy fully; to glut.ڍءُ ڪرڻ، راضي ڪرڻ، رڄڻ، ڪڇڻ، ڌلهڻ، ڍئڻ، ترپت.

sateless (سيٽ ليس) adj insatiable.جنهن مان ڍءُ نه ٿئي، اڻ ڍاءُ، نه پرجندڙ، نه رڄندڙ، پيٽو، بکيو.

sateen (ستين) n a glossy cotton or woollen fabric resembling satin. ساٽين ڪپڙو، ريشم جهڙو سوٽي يا اوني ڪپڙو.

satellite (سيٽيلائيٽ) n a body revolving around a planet, a man-made device used for communication; a small piece of chromosomal material attached to a chromosome by a narrow filament; a smaller companion to anything; an attendant; a subordinate or dependent save, community; an obsequious follower. مصنوعي سيارو، طفيلي گرهه، تابع سيارو، اپگرهه، ننڍو گرهه جو وڏي گرهه جي چوڌاري ڦري، نوڪر، خادم، پوئلڳ، ٽڪريل.

satellite broadcasting or **television** (سيٽلائيٽ براڊڪاسٽنگ يا ٽيليويزن) n broadcasting of television programmes via artificial satellite. مصنوعي سياري يا طفيلي گرهه رستي نشريات يا ٽيليويزن جا پروگرام وڏي حصي ۾ يا پوري دنيا ۾ پهچائڻ جو نظام.

satellite dish (سيٽلائيٽ ڊش) n a saucer-shaped receiver for satellite television. ڊش يا ٿالهيءَ تي ٽيليويزن پروگرام وٺڻ.

satellite state or **country** (سيٽلائيٽ اسٽيٽ يا ڪنٽري) n one which relies on and obeys the dictates of a large, more powerful state. طفيلي ملڪ، ملڪ جيڪو ڪنهن وڏي يا طاقتور ملڪ تي پاڙيندو هجي.

satellite town (سيٽلائيٽ ٽائون) n a town, often a garden city, limited in size, built near a large town to house excess population. وڏي شهر جي ٻاهران ٺاهيل نئون شهر، نئين آبادي، طفيلي علائقو.

Satem languages (ساٽم لئنگئيجز) n pl the group of Indo-European languages in which an original palatal consonant developed as a sibilant. هندي-يورپي ٻولين جو گروهه.

Sat Guru (ست گرو) n a Sikh term for God, literally, the true guru (Hindi). سکن جو خدا، سچو رب، اصل گرو، الله تعاليٰ، ربّ.

satiable (سيٽيبل) adj. that may be satiated. ڍائڻ جهڙو، ڍاپيندڙ، راضي ٿيندڙ، راضي ڪرڻ جهڙو.

satiate (سيٽي ايٽ) vt to surfeit; to gratify fully; to satisfy to excess; glutted. ڍءُ، ڍءُ ڪرڻ، ڍاول، رڄو ڪڄو، رڄ، تريت، تپت، ترپتائي، راضي ڪرڻ، ڍڪڻ، پيري ڇڏڻ.

satiation or **satiety** (سيٽيئيشن آر سيٽيئيٽي) n state of being satiated; surfeit. ڍءُ، ڍاول، رڄيل، رڄ، پريل.

satin (ساٽن) n a glossy close-woven silk with a lustrous and unbroken surface showing much of the warp; of or like satin; clad in satin; to make satiny. اطلس، ستين، ساٽين ريشم، ساٽن، لسو ۽ چمڪندڙ ريشمي ڪپڙو، ريشم پهريل.

satin bird (سٽن برڊ) n an Australian bower-bird with satiny blue and black plumage. آسٽريليا جو هڪ ريشمي نيري رنگ پرن وارو پکي، چمڪندڙ آکيرا ٺاهڻ وارا مينا جي خاندان جا پکي.

satinet or **satinette** (سٽني نيٽ) n a thin species of satin; a modification of satin with a slightly different weave; a cloth with a cotton warp and a woollen weft. سنهو ريشمي ڪپڙو، سٽ ۽ اُن جو مليل ڪپڙو.

satin finish (سٽن فنش) n a satiny polish. ريشمي پالش، ريشم واري صورت ۾ آڻڻ.

satin flower (سٽن فلاور) n a species of stitchwort. گل واري ٻوٽي جو قسم.

satin paper (سٽن پيپر) n a fine, glossy writing paper. چمڪدار پنو.

satin sheeting (سٽن شيٽنگ) n a twilled cotton and silk fabric with a satin surface. سٽ ۽ ريشم جو مليل ڪپڙو، بخملي ڪپڙو.

satin spar (سٽن اسپار) n a satiny fibrous calcite, aragonite or gypsum. معدني ڌاتو.

satin stitch (سٽن اسٽچ) n an embroidery stitch worked in adjacent parallel lines, giving a satiny appearance. پرت جو طريقو، اپريل ٽاڪي وارو پرت.

satin stone (سٽن اسٽون) n a fibrous gypsum. معدني مادو.

satinwood (سٽن ووڊ) n a beautiful, smooth, heavy, durable and satiny ornamental wood from India; the rutaceous tree yielding it; extended to several more or less similar woods and trees. سهڻو ۽ لسو پر مضبوط ۽ ڄڻادار هندستاني ڪاٺ ۽ اُن جو وڻ، ريشم جهڙو ڪاٺ ڏيندڙ وڻن جون جنسون.

satire (سٽائر) n a literary composition in verse, essentially a criticism of folly or vice, which it holds up to ridicule or scorn, its chief instruments being irony, sarcasm, invective, wit and humour; such writing as a genre; its spirit; the use of, or inclination to use, its methods; satirical denunciation or ridicule in which such methods are employed. طنز و مزاح ذريعي تنقيد، هجو، ڪل پوڳ ۾، ٽوڪبازي، سٽ، ڪوار، برائيءَ جي مذمت، هجو بازي ڪرڻ، شعرو شاعريءَ ذريعي ٽوڪ بازي ڪرڻ.

satiric or **satirical** (سٽرڪ سٽريڪل) adj belonging to or conveying satire; sarcastic; abusive. طنزيه ۽ تنقيدي، طنز آميز، هجو آميز، ٽوڪائتو، هجو يا مذمت آميز.

satirist (سٽرسٽ) n a writer of satire; one who satirizes. طنز مزاح لکندڙ، هجوگو، سٽ ٺاهيندڙ، ٽوڪباز.

satirize (-ise) (سٽرائيز) **vt** to make the object of satire; to expose by satire; to censure in artistic manner; to ridicule; to write satire.. مذمت ڪرڻ، هجو ڪرڻ، طنز ڪرڻ، بدنام ڪرڻ، سٽ ٿاهڻ.

satisfaction (سٽسفڪشن) **n** act of satisfying; the state of being satisfied; contentment; payment; quittance; gratification of desire; compensation; comfort; some thing which satisfies; atonement; reparation; the satisfying of honour; as by a duel; conviction. خاطري، دلجاء، راضپو، ڏڍ، تسڪين، اطمينان، دل پوري ٿيڻ، دلجمعي، رضا مندي، تسلي، ترپتي، ڪفارو، دلپسندي، عيوض، پورائي، ادائي، بي باقي.

satisfactory (سٽسفڪٽري) **adj** satisfying; giving contentments or satisfaction; such as might be wishes; making amends or payment; atoning; convincing. خاطر خواه، دل پسند، خاطريءَ جهڙو، تسلي بخش، قابل اطمينان.

satisfice (سٽسفائس) **vi** to aim for or achieve that which will satisfy or suffice; rather than a potential maximum. مقصد حاصل ڪرڻ، ٿوري تي راضي ٿيڻ، مطمئن ٿيڻ، اڌ تي راضي.

satisfy (سٽسفاءِ) **vt** to gratify fully; to pay a debt in full; to compensate or atone for; to give enough to; to be enough for; to supply fully; to fulfil the conditions of; to meet the requirements of; to make content; to free from doubt; to convince; to remove the need or desire for more; to give contentment; to make payment or atonement. راضي ڪرڻ، دل خوش ڪرڻ، خاطري ڏيڻ، قائل ڪرڻ، گهر پوري ڪرڻ، خوش ٿيڻ، مطمئن ٿيڻ، (دل) پوري ڪرڻ، (بک) لاهڻ، (احتياج) ملڻ، ٿريت ڪرڻ، گنهگاري ڏيڻ، ادا ڪرڻ، پورائو ڪرڻ، يقين ڪرائڻ، (شڪ) لاهڻ، بي باڪ ڪرڻ.

satis verborum (سيٽس وربورم) enough of words; enough said (L). گهڻو ڳالهايو، گهڻو چيو، گهڻو ٿيو.

sativ (سيٽو) **adj** cultivated. پوکيل، آباد ڪيل.

satnav (سٽ نيو) **abvr.** navigation assisted by information from satellites; a navigation system capable of receiving such information. هٽرادو گرهن ذريعي رستي لهڻ واري سهولت.

satori (سٽوري) **n** a state of sudden enlightenment, sought in Zen Buddhism (Jap). (ٻڌ ڌرم وارن جي) روشن دماغي، عالي دماغي، روحاني قوت جو حصول.

satrap(سٽرئپ) **n** a viceroy or governor of an ancient Persian province; a provincial governor, esp if powerful or ostentatiously rich; a tyrannical person. ايران جي صوبي يا ضلع جو حاڪم، صوبيدار، ناظر، عيش پسند، ظالم حڪمران.

satrapy (سٽرئپي) **n** a satrap's province, office or period of office. حڪمرانيءَ هيٺ علائقي جي حد ۽ عرصو.

sat sapienti (سٽ سئپينٽاءِ) enough for the wise, a nod to the wise (L). سياڻي لاءِ ڪافي، ٿورو چيو گهڻو آهي، عاقل را اشارا ڪافي است.

Satsuma (سٽسوما) **n** a variety of tangerine originally grown in Japan; cream coloured Japanese pottery; a province of SW Japan. جپاني نارنگيءَ جهڙو ميوو، جپاني چينيءَ جا پوري رنگ وارا ٿانو، جپان جو هڪ ڏاکڻو اولاهون صوبو.

saturant (سٽورنٽ) **adj** tending to saturate; a saturating substance. چهڻ وارو، جذب ڪرڻ وارو، چهندڙ، جذب ڪندڙ مادو.

saturate (سٽيوريٽ) **vt** to soak thoroughly; to imbue; to full; to the fullest extent possible; to satisfy all the valencies of; to cover a target area completely with bombs dropped simultaneously; saturated; pure in colour, free from dilution with white, grey or black; a saturated compound. خوب پسائڻ، پرڻ، پوري طرح پرڻ، رچائڻ، جذب ڪرڻ يا ڪرائڻ، رچڻ، سيراڻ، رچجڻ، پُسائي ڇڏڻ، ترڪرڻ، شاداب ڪرڻ، صاف، خالص رنگ.

saturated (سٽيوريٽيڊ) **adj** (of a solution) containing as much of a solute as can be dissolved at a particular temperature and pressure; (of a fat) containing no carboncarbon double bonds in the molecule and consequently not susceptible to addition reactions; thoroughly wet; soaked.. پُسيل، رچيل، راس ٿيل، ترڪيل، پڱل، خوب پسيل، رچيل ڳارو، سير ڪيل، مڪمل آلو.

saturated fat (سٽوريٽيڊ فٽ) **n** an animal fat (usu solid, eg lard, butter) containing a high proportion of saturated fatty acids. رچيل چربي، راس ٿيل سٿپ.

saturation (سٽيوريشن) **n** state of being saturated; complete impregnation; state of the atmosphere when fully saturated with water vapour at a given temperature; state of a ferromagnetic material which has been magnetized to the fullest possible extent; the conversion of an unsaturated compound to a saturated compound; the condition where a field applied across an ionization chamber is sufficient to collect all ions produced by incident radiation; the degree to which a colour departs from white and approaches a pure spectral wavelength. رطوبت سان پريل، آلوڪيل، آلودو، گهميل، رطوبت جو جذب ٿيڻ، رچائڻ، چڪائڻ، پسائڻ، پرڻ، ترٿيڻ، رطوبت، پرائي،

آلودگي، سيري، شادابي، جاذبيت.

saturation coefficient (سيٽيوريشن ڪوايفيشنٽ) **n** the ratio between a building material's natural capacity to absorb moisture and its porosity. عمارتي مصالحن جي نمي برداشت ڪرڻ جي قوت ۽ ان ۾ سوراخدار حالت جي موجودگيءَ جو درجو.

saturation diving (سيٽيوريشن ڊائيونگ) **n** diving to great depths using a chamber at the same temperature as the water, to which the dive can return frequency of (and hence time spent in) decompression. پاڻيءَ اندر تمام گهڻيءَ اونهائي اندر ٽٻي هڻڻ جو نظام ۽ ان لاءِ طريقي ڪار.

saturation point (سيٽيوريشن پوائنٽ) **n** the point at which saturation is reached; dewpoint; the limit in numbers that can be taken in, provided with a living, used, sold, the limit of emotional response, endurance, etc. سيري وارو نقطو، پُسائڻ واري حد، سيري نقطو، پرائي نقطو، آلائڻ جي برداشتي حد.

Saturday (سيٽرڊي) **n** the seventh day of the week the Jewish Sabbath and the day dedicated by the Romans to Saturn. ڇنڇر، شني وار، هفتي جو آخري ڏينهن.

Saturn (سيٽرن) **n** an ancient Roman god of agriculture, commonly used for the Greek Kronos, with whom he came to be identified; a planet, the second in size and sixth in distance from the sun of the major planets, believed by the astrologers to induce a cold, melancholy, gloomy temperament; the metal lead. زحل تارو يا گرهه، ڇنڇر (گرهه)، شني وار، رومن وارن جو زراعت جو ديوتا، غمگيني آڻيندڙ، غم، بي آرامي، بي فرحتي، شيهو ڌاتو.

Saturnalia (سيٽرنيليا) **n pl** the Roman festival of Saturn in mid December, a time of great gift giving and revelry when slaves had temporary freedom; hence an orgy. رومن جو عياشيءَ جو جشن، رومن جو ڊسمبر جي مهيني ۾ ملهائڻ وارو هڪ وڏو ڏڻ، رومن جي عيد، عهد نشاط.

saturnalian (سيٽرنيلين) **adj** of the saturnalia; loose; dissolute; riotously merry. جشني، جوشيلو جشن.

Saturnia (سيٽرنيا) **n** a genus of very large moths. زحلي پتنگ، وڏو پروانو.

Saturnian (سيٽرنين) **adj** pertaining to Saturn, whose fabulous reign was called the golden age; hence happy, pure, simple; in the metre in which early Latin poems were written; of the planet Saturn; a person born under Saturn, or of saturnine temperament; the son of Saturn (Jupiter or Zeus); a fancied inhabitant of Saturn. زحلي، لاطيني ٻوليءَ جي شاعري، زحل تاري متعلق، زحل جي وقت ۾ ڇاول انسان، غمگين طبيعت وارو، سدا مغموم خيالي، زحلي باشندو.

saturnic (سيٽرنڪ) **adj** suffering from lead poisoning. جنهن تي شيهي جي زهر جو اثر ٿئي، شيهي جي زهر جو اثر ٿيل.

saturrniid (سيٽرنيڊ) **n** any large tropical moth of the family Saturniidae, the emperor moth. پتنگ، وڏي پوپٽ يا پرواني جي جنس جو جيت.

saturnine (سيٽرنائن) **adj** morose; grave; gloomy; phlegmatic; caused or poisoned by lead. زحلي، خاموش، ملول، غمگين، سوراليل، سست مزاج، بلغمي، شيهي جي زهر جو مريض.

saturnism (سيٽرنزم) **n** lead poisoning. شيهي جي زهريات، زهر شيهو.

Saturnist (سيٽرنسٽ) **n** a gloomy person. غمگين، مغموم انسان، اداس، سست مزاج، سوراليل، بلغمي.

Saturn's tree (سيٽرنس ٽري) **n** an arborescent deposit of lead from a solution of a lead salt. شيهي جي نمڪيات جو ڍير.

satyagraha (ستيا گرها) **n** Mahatma Gandhi's policy of passive resistance to British rule in India, now any non violent campaign for reforms (Sans, reliance on truth). ستيه گرهه، مهاتما گانڌيءَ جي انگريزن خلاف مزاحمت واري تحريڪ، هڙتال، هڙتال ڪرڻ، حڪومت خلاف بغير تشدد واري هلچل.

satyr (سيٽر) **n** a sylvan or Greek and Roman god of the woodlands, with a tail and long ears, represented by the Romans as part goat; a very lecherous man; an orang utan; a desert demon; any butterfly of the Satyridae family; a satire or satirist. ٻالپ، رڃ ديوتا، يونانين جو هڪ صحرائي جهنگل جو ديوتا جنهن جو جسم انسان، ٻڪر ۽ چراخ جي گڏيل جسم جهڙو آهي، ڇاڳ مانس، ٻڪر، ماڻهو ديوتا، هجوگو، ٺوڪ باز، سٽ باز.

satyral (سيٽرل) **n** a monster compounded of man, lion, and antelope. هڪ خيالي اجگر جيڪو ماڻهو، شينهن ۽ هرڻ جي مليل جليل شڪل جو آهي.

satyriasis (سيٽرياس) **n** morbid, overpowering sexual desire in men, corresponding to nymphomania in women. مرد ۾ شهوت جي تمام گهڻي زور واري حالت، مرد جي حد کان وڌيڪ جنسي خواهش، مرد ۾ شهوت جو تمام گهڻو (نقصانڪار) غلبو.

satyric or satyrical (سيٽرڪ آر سيٽرڪل) **adj** of satyrs; having a chorous of satyrs. ٻاڪرين بابت، ديوتائن جو، يونان ۽ رومين جو هڪ صحرائي ديوتا جنهن جو اڌ جسم ماڻهوءَ جو ۽ اڌ ٻڪريءَ جو آهي، ساٽير ديوتا.

satyrid (ستِرِڊ) **n** any butterfly of the family, including meadow browns, heaths, marbled whites etc. پوپٽ يا پتنگ جي جنس جا مختلف جيت جن جي پرن تي اکين جھڙا ننڍا چٽا هوندا آهن.

satyrisk (ستِرسڪ) **n** a little satyr. ننڍي پانپ، ننڍو رڇ، آسمان ۾ تارن جو هڪ ننڍو ميڙ، دب اصغر.

sauba (ساوبا) **n** an American leaf carrying ant (Tupi). آمريڪا جي ڪول يا ماڪوڙي، پن خور ماڪوڙي.

sauce (ساس) **n** a liquid dressing poured over food; any liquid mixture in which food is cooked and/or served; anything that gives relish; vegetables eaten with meat; a stewed fruit; a solution of salt, used in individual processes; a pert or impudent person; pert or impertinent language or behaviour; to add or give sauce to; to make piquant or pleasant; to be impertinent; to rebuke; to make to pay dear; to belabour. چٽني، مرچ مصالحو گڏڻ، لوڻ مرچ لڳائڻ، چٽپٽو بنائڻ، شوخي ڪرڻ، چهراڻ، رس، چاشني، تيوڻ، ترڪاري، ساڳ، چھر، ساس، گستاخي سان ڳالهائڻ، گستاخي ڪرڻ.

sauce-alone (ساس آلون) **n** the plant garlic mustard. ادرڪي سرنهن جنس بوٽو.

sauce-boat (ساس بوٽ) **n** a dish or container from which sauce is poured over food. چٽني رکڻ وارو ٿانوَ، ساس يا چٽنيءَ جي پليٽ.

sauce box (ساس باڪس) **n** an impudent person. بي ادب، لرڇو، بي ادبيءَ جو، شوخ، ڍيٺ.

sauce crayon (ساس ڪريان) **n** a soft flack pastel used for backgrounds. رنگ ڪرڻ وارو نرم چاڪ.

sauce pan (ساس پئن) **n** a small handled and lidded metal pan for boiling or stewing. ڪٽ، ڪٽيجي، تئي، ديڳڙي، ڪڙاهي.

sauce pan fish (ساس پئن فش) **n** the king crab (Fr). وڏو ڪيڪڙو.

saucer (ساسر) **n** a dish for salt or sauce; a shallow piece of china, one placed under a tea or coffee cup; anything of similar shape. ٿالهي، رڪابي، بسي، تسري، طشتري، ٿالهڙي، رڪيبي، پليٽ، ڪوپ جي ساسر.

saucisse or **saucisson** (سوسيس يا سوسيشن) **n** a long canvas tube filled with powder for use as a fuse, when firing a mine (Fr). زميني بم قاڙڻ لاءِ پريل پھو.

saucy (ساسي) **adj** like or tasting of sauce; showing impertinent boldness; pert, impudent; foreward; piquantly audacious, esp arousing sexual desire; (of a ship) smart and trim; disdainful; lascivious. گستاخي، بي ادب، شوخ، ڍيٺ، چست، چالاڪ، خوش طبع، زنده دل، گستاخ: بي باڪ، دلير، چٽنيءَ جهڙو، مزيدار، ڪنو منو.

sauerbraten (ساربراتن) **n** a German dish of beef marinated in vinegar and braised (Ger). جرمنيءَ جي سرڪي ۾ ڳريل گوشت ۽ پاڄي.

sauerkraut (ساورڪراٺوٽ) **n** a German dish of cabbage allowed to ferment with salt, etc (Ger). جرمن گوبيءَ جي لوڻيل پاڄي.

sauger (ساگر) **n** a small N American pikeperch. آمريڪا جي ننڍي مڇي.

saulie (سالي) **n** a hired mourner. پاڙيتو ماتمي، ڪرائي جو ماتامي.

sault or **salt** (سالٽ) **n** a waterfall or rapid (Fr). آبشار، تکو وهڪرو، پاڻيءَ چادر، پاڻيءَ چر.

sauna (سانا) **n** (a building or room equipped for) a Finnish form of steam bath. ٻاڦ سان وهنجڻ وارو ڪمرو.

saunter (سانٽر) **vi** to strawl about idly; to walk in a casual or leisurely manner; to wander about without purpose; to dawdle; a sauntering gait; a leisurely stroll. رلڻ، چلڻ، آواره گردي، اجهڙڻ، ترڻ ڦرڻ، پيڻ، چائي چتا پائڻ، گهمڻ گهتڻ، للڻ، (اس ۾) اجهڙڪڻ، گهمتاري.

saurel (سَوريل) **n** the horse mackeel, scad (Fr). مڇيءَ جي جنس.

saurian (سارين) **adj** pertaining to lizards; of, characteristic of, or belonging to the Sauria, an order of reptiles in former classification, including the lizards; an old name for a lizard. سانڊي جهڙي صورت وارو جانور، ڪرڙيءَ جهڙو، ريڙهيون پائيندڙ جانورن جو پراڻو قسم، سانڊي جهڙو جانور، ڪرڙي جنس.

saurischian (سَارِڪين) **adj** of or belonging to the Saurischia, an order of Triassic dinosaurs including the sauropods and theropods; any dinosaur of the Saurischia. پراڻي زماني جي ڊائنوسار جانورن جو قسم.

saurognathous (سارگونيٿس) **adj** having a lizardlike arrangement of the palatebones (as wood peckers). ڳوهه يا سانڊي وانگر چلرن شڪل جانور.

sauroid (سارونڊ) **adj** lizard like. ڪرڙيءَ نما، سانڊي نما.

sauropod (ساروپاڊ) **n** any gigantic quadrupedal herbivorous dinosaur of the suborder, one of the two main groups of lizard hipped dinosaurs. ڪرڙي پير جانور، سانڊي جهڙن ٽنگن ۽ پيرن وارو پراڻو اجگر جانور.

sauropsidan (ساروسيڊن) **n** and **adj** a member of the Sauropsida, one of the main divisions of vertebrata including birds and reptiles. اڳين زماني جا وڏي قد ۽ بت وارا پيٽ ۾ هلندڙ جانور ۽ پکي.

Sauropterygia (ساروپترجيا) **n pl** an order of fossil rep-

tiles, aquatic or amphibious, including Plesiosaurus. اڳئين زماني جا ڪرڙيءَ جهڙا پرّدار جانور.

Saururae (سَارُو ري) **n** an extinct (jurassic) subclass of birds, with teeth and jointed tail. اڳئين زماني جا پکي (جن کي ڏند ۽ ڳنڍيل پڇ هو).

saury (سَاري) **n** a long sharp beaked, marine fish related to the garlfish. ڊگهي چهنب واري سامونڊي مڇي.

sausage (سَاسيج) **n** chopped or minced meat with fat, cereal, seasoned and stuffed into a length of intestine or a synthetic tube shaped casing, or formed into the shape of a tube; anything of similar shape. آنڊن ۾ رڌل قيمون، مصالحدار آنڊا، ڪوفتو، ڪباب، قيمي وارو سموسو، آنڊي وارو ڪباب.

sausage bassoon (ساسيج بَسون) **n** the rackett. ساز جو قسم، هوا رستي وڄايو ويندڙ ساز.

sausage dog (ساسيج ڊاگ) **n** a dachshund. ڪوفتي يا ڪباب وارو بند يا سموسو.

sausage machine (ساسيج مشين) **n** a machine that makes sausages by forcing meat into a continuous tube which is then divided into links; something or someone that produces identical items in a steady, monotonous manner. آنڊن ۾ قيمو ڀرڻ واري مشين. آنڊن ۾ قيمو ڀرڻ وارو ڪاريگر.

sausage meat (ساسيج ميٽ) **n** meat prepared for making sausages. قيمو، مصالح پيل قيمو.

sausage poisoning (ساسيج پوائزننگ) **n** botulism. ڊبي بند کاڌن جي استعمال ڪري زهريات جو اثر.

sausage roll (ساسيج رول) **n** minced meat cooked in a roll of pastry. قيمي جو سنبوسو يا سموسو.

sausage tree (ساسيج ٽري) **n** a tropical tree with bell-shaped flowers and sausage shaped fruits. ڪباب شڪل ڦرين وارو وڻ.

saussurite (ساسورائٽ) **n** a dull opaque mass of zoisite, albite, formed by the alteration of feldspar. معدني ڌاتو.

saute (سوٽي، سائوٽي) **adj** fried lightly and quickly (cookery)(Fr). جلديءَ ۽ ٿورو ڀڳل، هلڪو يا ٿورو ڀڳل (کاڌو).

sauteed (سوٽيڊ) **pa p and pa t** a dish of food that has been sauteed (Fr). ڀڳل کاڌو، گيهه ۾ تريل کاڌو.

sautoiri (سوٽائر) **n** a long necklace or pendant on a long chain or ribbon (Fr). گلي ۾ پاتل زنجير ۾ پيل وڏو طوق يا لڙڪندو زيور.

sauve qui peut (ساوَڪئي پئي) **n** a state of panic; a stampede (Fr). ڦڙڦوٽ واري حالت، ڌمڪاءُ، خوف هراس، ڀاڄو ڪڙو، ڦاڪوڙو، ٽرٽلو.

Sauvignon (ساوي نين) **n** a variety of grape grown in Bordeaux and the loire valley; wine made from this grape variety. انگور جي جنس ۽ ان مان ٺهندڙ شراب.

savage (also **salvage**) (سئويج، سالويج) **adj** in the state of nature; untamed, wild; uncivilized; barbarious; ferocious; furious; a human being in a wild, primitive or uncivilized state; a brutal, fierce, or cruel person; an enraged horse or other animal; a wild beast; to make savage; to attack savagely, esp with the teeth; to play the savage. جهنگلي، وحشي، بي رحم، غير مهذب، خونخوار، ظالم، جابر، سفاڪ، بدمزاج، اڻ گهڙيو، بي رحميءَ جو، سنگدل، بيا باني، بنجر، ڳنوار، وحشي جانور، وحشيءَ وارو ڪردار ادا ڪرڻ، وحشي پڻو ڏيکارڻ.

savagedom (سئويجڊم) **n** a savage state; savages collectively. وحشي، بي رحمي، ظلم، جبر، سفاڪي، بدمزاجي، بد مزاج، جابر، ظالم.

savageness (سئويجنيس) **n** the state of being savage. درندگي، بربريت، سنگدلي، بي رحمي، سفاڪي.

savagery (سئويجري) **n** state of being savage; fierceness; ferocity; uncivilized condition; wildness; savage behaviour; savages collectively; wild ruggedness of landscape; wild overgrowing vegetation. وحشيت، جهنگل پڻ، خونخواري، مشڪل يا ڏکيو لنگهه، جهنگل، گند گاهه سان ڀريل زمين.

savanna or **savannah** (سوانا) **n** a tract of lecel land, covered with low vegetation, treeless, or dotted with trees or patches of wood, as in tropical or subtropical Africa. گرم علائقي جو چراگاهه، وسيع ميدان، وڏو چراگاهه.

savanna flower (سوانا فلاوَرَ) **n** a W Indian apocynaceous plant. گلن وارو ٻوٽو، ميداني علائقن جو ٻوٽو.

savanna forest (سوانا فاريسٽ) **n** parkland. جهنگ، ٻيلو چراگاهه، پارڪ، آباد علائقا، باغات.

savanna-sparrow (سوانا اسپيرو) **n** a N American sparrow. آمريڪي گاهه وارن ميدانن جي جهرڪي.

savannawattle (سوانا وٽل) **n** fiddlewood. ڪاٺ وارو وڻ.

savant (سيوان) **n** a learned man, a scholar; learned, accomplished. عالم، پنڊت، علامه، فاضل، ودوان، آچاريہ، ديوان، ماهر علم.

savarin (سئوارن) **n** a ringshaped cake made with yeast, containing nuts, fruit, and often flavoured with rum. گول (وچ ۾ سوراخ) واري شڪل وارو خشڪ ميوو پيل ڪيڪ.

savate (ساوات) **n** a method of boxing in which the feet (as well as the fists) are used (Fr). ڪشتي راند.

جنهن ۾ هٽ ۾ پير پئي استعمال ٿين، تڏن واري ڪَشتي.

save (سَيو) **vt** to protect; to preserve; to prevent or avoid the loss, expenditure, or peformance of, or the gain of by an opponent; to bring safe out of evil; to rescue; to bring or keep out of danger; to reserve; to spare; to deliver from the power of sin and from its consequences; to be economical in the use of; to board; to (enter an instruction to) store data on a tape or disk; to prevent a goal from being scored; to obviate, to prevent; to be in time for; to act as a saviour; to be economical; to reserve money for future use; an act of saving; a computer instruction to save material on to a tape or disk. بچائڻ، سنڀالي رکڻ، هٿيڪو ڪرڻ، ميڙڻ، محفوظ ڪرڻ، نجات ڏيڻ، سلامت ڪرڻ، باز رکڻ، جمع ڪرڻ، موقعي مان فائدو وٺڻ، (ڪان) رکي وٺڻ، مڪتي ڏيڻ، بچائي رکڻ، تارڻ، ڇٽائڻ، صرفو، ڪفايت ڪرڻ، ڪوڙڻ، ڪمپيوٽر ۾ وڌل معلومات کي محفوظ ڪرڻ، درج ڪرڻ، اندراج ڪرڻ، (ڪنهن ماڻهوءَ يا جاءِ) ڪانسواءِ.

save- all (سَيو آل) **n** a contrivance intended to save anything from being wasted or damaged; a pinafore or overall; a miser; stingy. ضايع ٿيڻ کان هر شئي کي بچائڻ، هڪ رنگ وارو مڪمل وڳو، ڪنجوس، چمچوس، مچوس، مرچوهو.

savegard (سَيو گارڊ) **vt** to guard, protect. سنڀال ڪرڻ، چوڪيداري ڪرڻ، حفاظت ڪرڻ، پهرو ڏيڻ، رکيا ڪرڻ، رکوالي ڪرڻ، بچائڻ، رکڻ، واهر ٿيڻ.

saveloy (سئوالوئي) **n** a highly seasoned dried sausage, made of brains (Fr). مغز جي قيمي جو مصالحدار ڪباب.

save appearances (سيو اپيئرنسز) **n** to make hypothesis agree with observation; to keep up an appearance of wealth, comfort, consistency, harmony, propriety, etc. ڏٺل شيءِ بابت مفروضو ناهڻ، مفروضي جو ڏٺل شيءِ يا حالت سان ٺهي يا ٺهڪي اچڻ، آبرو بچائڻ، لڄ رکڻ، ٻاهريون ٺٺ ٺانگر، ڏيک ويک، ڏيکاءُ، شاهوڪاري، اميري، موجودگي، موافقت، ميل، سمانتا، گهاتاڻ، لنوَ، ملڪيت ۾ پيسي جو زور ڏيکارڻ، دٻدٻو ڪرڻ.

savin or **savine** (سيون) **n** a species of juniper with very small imbricated leaves; its tops, yielding an irritant volatile oil, anthelmintic and abortifacient; extended toVirginian juniper (red cedar) and other plants. جنس اهو ٻير، صنوبري ٻير ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ تيز بوءِ وارو ٻرندڙ تيل ڏيندڙ ٻوٽو.

saving (savings) (سيونگ) **adj** protecting; thrifty; preserving; redeeming; securing salvation; frugal; making a reservation; directed towards the avoidance of loss rather than the making of profit; excepting; something which is saved; money laid aside for future use. بچت، صرفو، چوٽڪارو، ڪفايت، ميڙي، چونڊي، ضرورت لاءِ بچايل موڙي، ڏکئي وقت لاءِ رکيل پيسو، بچائيندڙ، سنڀاليندڙ، ڪفايت شعاري، پڪو، ڪفايتي، ميڙي چونڊي، ڪَسر، صرفو، ترالو، سواءِ، نقاص کان بچاءَ خاطر، ڪانسواءِ، ايندڙ وقت لاءِ رکيل رقم، ڏکئي وقت لاءِ بچايل.

saving clause (سيونگ ڪلاز) **n** a legal clause or statement, in which a reservation or condition is made. ناهم يا دستاويز ۾ اها لکت ته ڪڏهن جي صورت ۾ قانوني ڪاروائي ڪري سگهجي، قانوني شرط يا بيان (جنهن ۾ قاعدا يا قانون جوڙيا وڃن)، ڪنهن معاهدي ۾ جان ڇڏائڻ لاءِ رکيل شرط.

saving game (سيونگ گيم) **n** a policy or procedure aimed rather at avoiding loss than at making a profit. (ڌنڌي يا واپار جو) ان اصول تي هلائڻ ته جي فائدو نه ٿئي ته نقصان ۾ ڪنهن حالت ۾ نه ٿئي.

savings bank (سيونگ بئنڪ) **n** a bank established to encourage thrift by taking small deposits, investing under regulations for safety and giving compound interest. بچت بئنڪ، وياج در وياج تي پئسا رکڻ واري بئنڪ، سرڪاري صراف خانو، بئنڪ، ماليياتي ادارو، بچتون رکڻ وارو امانتي ادارو.

savings cetificate (سيونگ سرٽيفڪيٽ) **n** a certificate of having invested a small sum in government funds. بچت جا سرٽيفڪيٽ، بچت جي ياداشت يا سند.

saviour (سيوئر) **n** one who saves from evil, destruction or danger; a title applied by Christians to Jesus Christ. بچائيندڙ، چوٽڪارو ڏياريندڙ، مڪتي داتا، آڌار ڪندڙ، تارڻ وارو، بچائڻ وارو (عيسائين جو) حضرت عيسيٰ عليه السلام جي باري ۾ عقيدو يا ايمان، بچائڻ، آڌار ڪندڙ، تارڻ هار، بچائيندڙ، محافظ، چوٽڪارو ڏيندڙ، نجات ڏياريندڙ، نجات ڏيندڙ.

savoir-faire (سَئي فيئر) **n** the faculty of knowing just what to do and how to do it; tact (Fr). (ضرورت مهل) انسان جو سوچ ۽ بچاءَ جو نظام (جو پاڻ مرادو مدد ڪري)، عقل، فهم، حڪمت عملي، عام فهم، شعور، فراست، سمجهه، اٽڪل، رمز.

savoir-vivre (سئي ويور) **n** good breeding; knowledge of polite usages (Fr). سٺو خاندان، وڏ ماڻهپ، سٺا ۽ نرم لفظ استعمال ڪرڻ جو ڏانءُ، سٺي پرورش، سٺو اخلاقي ورتاءُ، اخلاقي هلت جي ڄاڻ، اٿڻ وهڻ جا آداب ڄاڻندڙ.

savory (سيوئر) **n** a labiate flavouring pot herb. خوشبو واري ٻن، ڦودني وانگر خوشبو وارو ٻوٽو، ڪوهي ڦودنو، خوشبودار ڦودنو.

savour or **savor** (سيور) **n, vi, vt.** taste, flavour; odour; distinctive quality; relish; repute; to taste or smell; to have a flavour; to have a suggestion; to flavour, season; to taste, smell; to be conscious of; to relish; to taste with conscious direction of the attention. لذت، سواد، مزو، ذائقو، چهر، نمڪ، بوءِ، ساءُ، چت، بانس، (مان) بانس اچڻ، آگاهه،چهريمڪ، سواد حاصل ڪرڻ، مزو وٺڻ، نظارو ڪرڻ، پسند ڪرڻ.

savourous (سَيوَرس) **adj** pleasant to the taste..لذيذ، مزيدار، سوادي، ذائقيدار، ذائقي ۾ وڻندڙ، لذت وارو.

savourly (سيورلي) **adv** relishingly; feelingly; understandingly.مزي سان، خوشيءَ سان، سمجهداريءَ سان، سهڻي نموني سان، آرام سان، فرحتي، ذائقيدار، لذيذ، سمجهو، هوشيار، محسوس ڪندڙ.

savoury (سَيوَري) **adj** having a good savour or relish; fragrant; palatable; agreeable; having savour or relish; appetizing; salty, piquant or spiced; savouring of decification or holiness; a savoury course or dish or small item of food..لذيذ، سوادي، تکو، مزيدار، رس، سڳند پريو، چشڪيدار، سوادي کاڌي واري شيءِ، ايمان واري، مذهبي قوت واري، ذائقيدار، رس پريو، سادو.

Savoy (سَوائي) **n** a district of the former kingdom of Ardinia, now Savoie a region of SE France, giving name to a former palace and sanctuary and to a theatre in London; a winter cabbage with a large close head and wrinkled leavesساردينا جي اڳوڻي حڪومت جو هڪ صوبو جنهن جي نالي پٺيان فرانس جو هڪ علائقو ۽ لندن ۾ هڪ ٿيٽر آهي، بند گوبي جنس (پاجي)، ڦول گوبي، ساردينا ملڪ جو هڪ پراڻو علائقو يا ضلعو، فرانس جو علائقو، لندن جو هڪ علائقو ۽ ٿيٽر، گل گوبي، بندگوبيءَ جو هڪ قسم (جنهن جا پن گهنجيل، گل وڏو ۽ لڪل ٿئي ٿو).

Savoyard (سيويارڊ) **n** a native or inhabitant of Savoy, or of the Savoy precinct in London; a performer in, or devotee of, the Gilbert and Sullivan operas produced at the Savoy theatre. سيوائيءَ جو رهاڪو، لندن جي علائقي سيوائيءَ جو رهاڪو، ناٽڪي يا ناٽڪ ڏسڻ جو شوقين.

savvy, savvey or **savey** (سَيوي) **vt & vi** to know; to understand; general ability; common sense; knowhow, skill; knowledgeable, shred (Sp)..جاڻڻ، سمجهڻ، تيزفهمي، ذهانت، معلومات، عقل، فهم، پرک، معلومات، خبر چار، چوٽي، پهاڪو، سمجهڻ، جاڻڻ، جاڻ سڃاڻ، ذهين، مڪمل جاڻ، گيان، عمل جي قوت ، چاڻو، هوشيار، چتر.

saw[1] (سا) **n** a cutting tool with a toothed blade, of various shapes, used esp for cutting wood; to cut with, or as with, or as, a saw; to pay harshly or crudely (as a fiddler); to use a saw; to make to and fro movements, as if with a saw.ڪاٽ، آرو، ڪارائي، چيرڻ واري ڪارائي، آراڪشي، ڪرت، ڪاپو، ڪٽائيءَ جو اوزار، ڪارائي سان ڪٽڻ، اڪتي پوئتي ڪرڻ، تنگ ڪرڻ، دق ڪرڻ، هلاک ڪرڻ.

saw[2] (سا) **n** a saying; a proverb; a decree..ڏڍو، پهاڪو، چوڻي، مشاهدو ڪيو، حڪم، سمجهيو، سهي ڪيو، ملاقات ڪئي.

sawah (ساواهه) **n** an irrigated paddy-field (Malay).آبياري ٿيل سارين جي پني، سارين جي پوک، سارين جو فصل.

sawbench (سابينچ) **n** a circular saw with a bench to support the material and advance it to the saw.گول آري بينچ سان گڏ (سامان جي سهاري لاءِ)، بيهڪ سوڌي گول آري يا ڪارائي.

sawbill (سابل) **n** a merganser; a motmot; any of various humming-birds with serrated bills.ڏندن وارين چهنبن سان پکين ۽ مڇين جون جنسون، رس چوسيندڙ پکي.

sawbones (سابونس) **n** a surgeon or doctor..جراح يا ڊاڪٽر، سرجن.

sawbuck (سابڪ) **n** a sawhorse; a ten-dollar bill.ڪاٺيءَ کي چيرڻ مهل آريءَ کي لڳل هڪ لوهي پٽي جنهن سان ڪاٺ کي سڌو ڪٽڻ ۾ مدد ملندي آهي، آريءَ جهل، گهوڙي، (آمريڪي) ڏهن ڊالرن جو لوٽ.

sawder (سادر) **vt** to flatter, blarney; flattery.خوشامد ڪرڻ، چاپلوسي ڪرڻ، چٽ، ناز برداري، پڌائڻ.

saw-doctor (ساڊاڪٽر) **n** a person who sharpens saw blades. آريءَ کي تکو ڪرڻ وارو ماڻهو.

sawdust (سادست) **n** dust or small particles of wood, detached in sawing; to sprinkle with sawdust. ڪاٺ جو پورو، ڪاٺائون پورو.

saw-edged (سا ايج) **adj** serrated. ڏندائتو، ڏندائون.

sawfish(سافش) **n** a shark like ray with a long, flattened, serrated jaw.شارڪ جهڙي مڇي، وڏن ڏندن واري جاڙيءَ واري مور منگر مڇي، منگري جي جنس جون ڏندن واريون مڇيون.

saw-fly (سا فلائي) **n** a hymenopterous insect of various kinds with sawlike ovipositor.ليڙاڙي مک، ڪرتي مک، آرا مک.

saw-frame (سافريم) **n** the frame in which a saw is set. اهو سانچو جنهن ۾ آري ڦاسائجي.

sawgate or **saw kerf** (ساگيٽ آر ساڪرف) **n** the gap made by a saw. آريءَ سان ڪيل خال.

saw horse (سا هارس) **n** a trestle for supporting wood that is being sawn; a straight-line diagram showing the three-dimensional structure of a molecule.گهوڙي، آري مشين جي سطح تي لڳل هڪ لوهي جهل جنهن

سان ڪاٺ کي سڌو ڪٽڻ ۾ سولائي ٿيندي آهي. سڌين ليڪن سان ناهيل تصوير يا نقشو. (جنهن ۾ ٽي طرف نظر اچن) ٽه طرفي تصوير.

saw mill (سامل) n a mill for sawing timber.ڪاٺ چيرڻ جو ڪارخانو. آرا مشين. آرا ڪشي.

sawney[1] or **Sawny** (ساني) n an old nickname for a Scotsman. اسڪاٽ ماڻهوءَ جو پراڻو لوڪ وارو نالو.

sawney[2] (ساني) n a fool. بيوقوف، احمق، ڪند ذهن، موڳو، ڏڏ. چسو، بي عقل.

sawn-off (سان آف) adj shortened by cutting with a saw; short in stature. آري سان ڪٽي ننڍو ڪرڻ. ڪٽيل ، ننڍو ڪيل. قد ۾ بت ۾ ننڍو.

saw pit (ساپٽ) n a pit in which one sawyer stands while another stands above. کڏ يا چکهه (جنهن ۾ آري تي ڪم ڪرڻ وارو اندر بيهي) ۽ ٻيو ان جي مٿان. آري کڏو.

sawshark (ساشارڪ) n a shark with a long flattened serrated jaw شارڪ مڇي، وڏن ڏندن واري جاڙيءَ سان. مور منگر مڇي.

saw set (سا سٽ) n an instrument for turning saw-teeth to right and left. هڪڙو اوزار جنهن سان آريءَ جا ڏند ساڄي ۽ کاٻي ڦيرائجن.

saw-tones (سا ٽونس) n harsh notes. سخت يا کهري علامت. نشاني، ياداشت.

saw-toothed (ساٽوٿڊ) adj serrated, like the edge of a sawblade. ڏنداٽـو، ڏنداٺون، آريدار، ڪاراتيءَ نما، آريءَ نما. ڪاراتيءَ ڏند نما (جانور)

saw-wort (ساوورٽ) n a name for various composite plants with serrate leaves. ڏنداٺن پنن وارا ٻوٽا.

sawyer (ساير) n one who saws timber, esp at a saw-pit; a stranded tree that bobs in a river. چيروان. ڪاٺ چريندڙ. آري وارو. ڪاٺ چيريندڙ. ڪپر يا ڪناري تي وڻ جيڪو درياءَ طرف جهڪيل هجي.

sax (ساڪس) n a chopper for trimming slates. سليٽن جي ڪٽڻ وارو ڇرو يا ڪاٺ. سليٽ ٽبر.

saxatile (ساڪساٽائيل) adj rock-dwelling. جبلن. پهاڙي باش. ۾ رهندڙ. جابلو ماڻهو. پٺاڻ. ڪوهستاني. ٽاڪرو. جابلو.

saxaul or **saksaul** (سيڪچوئل) n a low, thick, grotesquely contorted tree of the goose foot family, found on the salt steppes of Asia. بدڪ جي پيرن جهڙو عجيب وغريب ٻوٽو يا وڻ.

Saxe (سيڪس) adj (of china) made in, or characteristic of, saxony; of a deep shade of light blue; saxon blue, a dye colour; an albuminized paper (Fr). سيڪسني علائقي جا ٺاهيل چينيءَ جا ٿانو. هلڪي نيري رنگ جو تز. هلڪو نيرو رنگ. ڪيميائي مادو لڳل پنو.

saxhorn (سيڪس هارن) n a brass wind-instrument having a long winding tube with a bell opening. ٽامي يا پتل جو ڦوڪ سان وڄائڻ جو ساز. توتارو.

saxicavous (سيڪسيڪيويوئس) adj rock-boring. پهاڙ سوراخي (جانور).

saxicolous or **saxicoline** (سيڪسيڪوليوئس) adj living or growing among rocks. جبلن جي وچ ۾ رهڻ يا پوکڻ. جابلو. ڪوهستاني. سگ باش.

saxifrage (سيڪسوفريگ) n any plant of the London pride genus, alpine or rock plants with tufted foliage and small white, yellow or red flowers, giving name to the family; extended to other plants. پٿر ڪش. پٿر لوڙ. پٿريءَ جي دوا. پکهان ڀيد.

saxitoxin (سيڪسيٽوڪسن) n a nerve poison found in molluscs feeding on dinoflagellates of the genus. ڪوڏ وارن جيون مان ملندڙ زهريلو مادو. صدفي زهر.

Saxon (سيڪسون) n an Anglo-Saxon; a member of a N German people that conquered most of Britain in the 5c and 6c; the language of that people; an English person or lowland Scots; one whose native language is English; the English language; a native, inhabitant or citizen of Saxony in the later German sense. سيڪسن قوم. انهن جي ٻولي. انگريزي ٻولي. انگريزي ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهو. سيڪسنيءَ جو رهاڪو.

Saxondom (سيڪسونڊم) n the Anglo-Saxon or English-speaking world. انگريزي ڳالهائيندڙ دنيا.

Saxonian (سيڪسونين) n a stage name of West European Middle strata of the Permian. اولهه يورپ جي هڪ درمياني عرصي جو نالو.

Saxonism (سيڪسونزم) n a Saxon or English idiom; a preference for native English words, institutions, etc. انگريزي محاورو. انگريزي ٻولي. اڪرن ۽ اتان جي ادارن لاءِ چاهه يا رغبت.

Saxon architecture (سيڪسون آرڪيٽيڪچر) n a style of building in England before the Norman Conquest, marked by peculiar 'long and short' work of the quoins, projecting fillets running up the face of the walls and interlacing like woodwork, and baluster-like shafts between the openings of the upper windows resembling the turned woodwork of the period. انگلنڊ جي نارمن حڪمرانن کان اڳ واري دؤر جي عمارتي اڏاوت ۽ اُن جوهنر. ڪاليءَ جو ڪم. درين ۽ دروازن جي بيهڪ. ڪاٺ جو ڪم.

Saxon or **Saxony blue** (سيڪسون يا سيڪوني بلو) n a dye produced by dissolving indigo in sulphuric acid. تيزاب ۾ تيل ملائي ڪپڙو رنگڻ.

saxonite (سيڪسونائيٽ) n an ultrbasic igneous rock

consisting of olivine and enstatite. مرڪب معدني مادو.

saxophone (سيڪسوفون) n a jazz, military and dance-band instrument with a reed, an s-shaped (properly metal) tube, and about twenty finger-keys. توتارو، پتل يا ڌاتو جو ٺوڪ سان وڄڻ وارو ساز.

say[1] (سي) vt to utter or set forth in words; to speak; to assume; to assert, affirm, state, declare; to express; to tell; to suppose as a hypothesis; to go through in recitation or repetition; to make a statement; to speak; to declare, set forth in answer to a question.. اتڻ، ڳالهائڻ، چوڻ سان چوڻ يا چيـو بڌائڻ، ٻڪ سان چوڻ، ڪهڻ، رلڻ، ٻولڻ، ڪڇڻ، چانگارڻ، آکڻ، فرمائڻ، (سبق) ٻڌائڻ، راءِ ظاهر ڪرڻ، (نماز) پڙهڻ، لاءِ ڏيڻ، جواب ڏيڻ، ڏسڻ، مثال ڪري وٺڻ، دهرائڻ، (ٻئي جي پٺيان) ورجائڻ، بيان ڏيڻ، اعلان ڪرڻ.

say[2] (سي) n, vt and vi an aphetic form of assay.. پرک، ڪوشش.

say[3] (سي) n a woollen fabric like serge; made of say. اوني ٿلهو ڪپڙو، ڪولن جو ڪپڙو.

saying (سيئنگ) n something said; an adage; an expression; a maxim. چوڻي، پهاڪو، قول، مثال، واڪيه، مثل، وچن، ٻول.

say on (سي آن) n a medieval peasant's sleeveless jacket. وچين دور جي هارين جي ٻنا ٻانهن صدري.

say-so (سي سون) n an authoritative saying; authority; a rumour; hearsay.. ٻڌل ڳالهه، افواهه، پڪو قول، چوڻي، پهاڪو.

sayonara (سيونارا) n or interj good-bye (Jap).(جپاني ٻولي ۾) خدا حافظ، الله حافظ، الله جي امان ۾، الله جي آسري، الله تو آهر، الله نگهبان، الله واهي، الله ٻيلي، الله جي ٻاجهه.

Sayyid, Sayid or Said (سيد) n a descendant of Muhammad's daughter Fatima; an honorary title given to some Muslims (Ar).حضرت محمد صلعم جي نسل يا اولاد کي مليل لقب، سيد، شاهه، پير.

saz (ساز) n a stringed instrument of Turkey, N Africa and the Middle East. ترڪيءَ جو ڏوريءَ وارو ساز.

Sazerac ® (سازيريڪ) n a cocktail based on Pernod and whisky. ذائقيدار شراب جو قسم.

sazhen (سازهين) n a Russian measure, about 2 metres (Russ). روس جي ماپ، تقريباً ٢ ميٽرن جي برابر.

sbirro (زبرو) n an Italian police officer (Ital).اٽليءَ جو پوليس آفيسر.

scab (اسڪئب) n a skin disease, esp with scales or pustules, and one caused by mites; a fungal disease of various kinds in potatoes, apples; a disease of sheep; a crust formed over a wound or sore, or in any of these diseases; a scoundrel; a blackleg; to develop a scab; to play the scab, act as a blackleg.. ساڄ، نڪو، چٺو، ڪڙي، خارش، ڪرنڊ، خارش جي بيماري، چوڏو، ڪڙي ٻجهڻ، داغ، ڪارنهن، ڪميڻو، ذليل ماڻهو، ڪميڻو ماڻهو، بدمعاش، چمڙيءَ جي بيماري جنهن ۾ دڙڪ ۽ روڳي ڦلڪڻا ٿيو پون، پٽاٽن ۽ صوفن جي ڦنگي بيماري، بيماري لڳڻ.

scabbard (اسڪابارڊ) n, vt. a sheath of a sword; to sheathe.غلاف، ٽيڪ، ڪپ، ترار يا تلوار جي مياڻ، مياڻ ۾ وجهڻ، تلوار، تلوار مياڻ.

scabbard fish (اسڪابارڊفش) n a long narrow fish having a whiplike tail. ڊگهي، سوڙهي مڇي، چهبڪ نما پڇ واري مڇي.

scabbed (اسڪابيڊ) adj abounding, affected or covered with scabs; diseased with scab; vile, worthless.ڪڙي وار، ڪارنهن پريل، داغيل، خارش، ڪرنڊدار، جٺاڻون، ڪميڻو، ڪين جهڙو، ذليل، بدمعاش، لوفر، ڪچر.

scabby (اسڪيبي) adj affected with scab or scabs, rough, mangy, itchy, leprus; mean; worthless. خارش، خارش پريل (ماڻهو)، خارش جو مريض، سر سراهٽ، کر، ڪرنڊ، ڪارنهن، کرڙيءَ حالت، داغي، خارشي، خارش واري حالت، گهٽ ذات، ڪم ذات، ڪنو، ڪوڙهيو، بيڪار، ڪنهن ڪم جو نه.

scaberulous (اسڪابيرولس) adj somewhat scabrous. کهرو، سخت، غير هموار، کهرو مٿاڇرو، سخت تهه.

scabies (اسڪابائيز) n scab; mange; itch; a contagious skin infection caused by the itch mite, characterized by intense itching and the formation of vesicles and pustules.خارش، ڪرنڊ، ڪجلي، کر، سر، چمڙيءَ جو مرض، چمڙيءَ جي جراثيمي بيماري، طفيلي سويءَ جي حملي سبب چمڙيءَ جي وچڙندڙ بيماري، خارش جي بيماري

scabious[1] (اسڪيبيس) adj. consisting of scabs; rough; itchy; leprous. ڪوڙهيو، خارش زده، کر چڙهيل، خارشي، ڪجلي مار، جذامي، کر ۾ ورتل، کر پريل، ڪرنڊن وارو.

scabious[2] (اسڪابيوئس) n any plant of the genus of the teasel family, such as the Devil's-bit scabious, long thought efficacious in treating scaly eruptions; a plant of the bellflower family, of similar appearance.. خارش يا کر ۾ ورتل، خارشي، ڪجلي مار، جراثيمي، خارش جي علاج ۾ ڪم ايندڙ مادو (جيڪو ٻولن مان ملندو آهي)، جڙي ٻوٽي، طبي ٻوٽو.

scablands (اسڪابليندس) n pl an area of bare, volcanic rock, in the NW US, that has been deeply channelled by glacial meltwaters.. ڪليل، ٻرندڙ جبل جي ايراضي.

scabrid (اسڪابرڊ) n slightly scabrous.ڪڙيءَ نما، سخت يا کهرو، ريتي نما.

scabrous (اسڪابريوئس) adj. rough; rough with projecting points; scurfy; harsh; beset with difficul-

ties; bordering on the indecent.کهرو، کڙٻڙو، سادو، هيٺ. مٺي، رکو، ريتيءَ نما، سخت، غير هموار، سخت تهہ، کهرو مٺاڇرو، ڪراهت آميز، فحش.

scad[1] (اسڪيڊ) **n** a carangoid fish with an armoured and keeled lateral line, superficially like a coarse mackerel, also called horse mackerel.مڇيءَ جو قسم. ڪرڪاڻ، ڪرڪن، ڪرڪند، سيم يا تلوار جنس جون مڇيون.

scad[2] (اسڪيڊ) **n pl** a large amount, a lot of money. تمام گهڻي رقم، وڏي رقم.

scaff (اسڪاف) **n** food; riff-raff.کاڌو، کائڻ جي شيءِ، کاکڙ. کوکڙ، جوٺ، اوبر، لچا لفنگا، ڪٽ خلق.

scaffold (اسڪافولڊ) **n** a temporary framework or platforms erected around a building, from which repairs or construction work can be carried out; elevated platform, for performers, spectators, or executions; a raised framework for hunters, or among some primitive peoples for disposal of the dead; capital punishment, hanging; to supply with a scaffold; to put on scaffold; to sustain.ڪاٺ جو چار، ڦاهيءَ جو تختو، ڪوازو، چڪو، ڊانچو، بنياد، پاڙ، تماشي گاهہ جو چبوترو، مچان، شڪارين جي وهڻ جي جاءِ، لاش رکڻ وارو چبرو، ڦاسي گهاٽ، جاءِ جي اڏاوت يا مرمت لاءِ ٺاهيل ڪاٺين جون جهلون.

scaffoldage(اسڪافولڊيج) **n** a scaffolding; the gallery of a theatre.ڪاٺ جو چار، ٿيٽر جي گيلري يا مٿي ويهڻ لاءِ ٺاهيل جاءِ.

scaffolding (اسڪا فولڊنگ) **n** a framework of platforms for workmen; materials for scaffolds; a frame, framework; the erection of scaffolds.ڪاٺ جو چار (جنهن تي ڪم وارا چڙهي ڪم ڪن)، ڪاٺ جي چار لاءِ گهربل سامان، چار ٺاهڻ، پاڙ، بنياد، پيڙهہ، پيڙهہ بندي.

scag or skag (اسڪاگ) heroin.هيروئن (نشي واري شيءِ)، فلم يا ڊرامي جو مکيہ ڪردار، مک زنانو ڪردار.

scaglia (اسڪاگليا) **n** an Italian limestone, usu reddish (Ital). اٽليءَ جو چن جو پٿر، سرخ مرمر پٿر، سنگ سرخ.

scagliola (اسڪاگليولا) **n** a polished imitation marble consisting of ground gypsum bound with glue (Ital). لسو نقلي پٿر (اصلي چيروليءَ جو)، مصنوعي مرمر پٿر.

scala (اسڪالا) **n** a ladder-like structure, such as any of the spiral canals of the cochlea..ڏاڪڻ نما بناوت. حلقو جنهن ۾ ڏاڪڻون رکي قلعي تي چڙهجي.

scalar(اسڪالر) **adj** ladder-like; numerical; represented by a point in a scale; having magnitude only, not direction; a scalar quantity.ڏاڪڻ نما حساب. (جيڪو صرف هڪ نقطي تي هجي ۽ ان جو صرف مقدار هجي). عددي، شماري، ميزاني، مقداري، پيمائشي.

scalariform (اسڪاليريفارم) **adj** ladder-like..ڏاڪڻ جهڙو. ڏاڪڻ شڪل، ڏاڪڻ نما.

scald[1] (اسڪالڊ) **vt** to burn or injure with hot liquid or stream; to cook or heat short of boiling; to treat with very hot water; to burn, scorch; to be scalded; to be hot enough to scald; a burn caused by hot liquid.گرم پاڻيءَ سان ساڙڻ، ڪير ڪاڙهڻ، پاڻياٺ کي گرم ڪرڻ، گرم آب، ڪير اٻارڻ، ساڙڻ، ٻارڻ، جلائڻ.

scald[2] (اسڪالڊ) **adj** scabby; scurfy; paltry; scurf on the head; a scurvy fellow.خارش وارو، ڦرڙيءَ وارو، مٿي جي خشڪي، ساڙ، روڳ، سوزش، داغ، خارش زده.

scaldberry (اسڪالڊبيري) **n** the blackberry (from a belief that it causes scaldhead).توت سياهہ، ڪارو توت (ٻوٽو).

scald-crow (اسڪالڊ ڪرو) **n** the hooded crow.ڪلنگيءَ واري ڪانوَ جي جنس، نانگ ڦڻ ڪانو، يورپين ڪبرو ڪانو.

scald-fish (اسڪالڊ فش) **n** the smooth sole..سول مڇي. ڳانگٽ مڇي يا جيت، لسي جسم واري سول مڇي.

scald-head (اسڪالڊ هيڊ) **n** a diseased scalp; scalp disease of various kinds..مٿي جي کل جون بيماريون، پت، ٻقو، ساڙ، وار ڇڙو، مٿي جي گنج يا بيماريون.

scaldings (اسڪالڊنگس) **interj** a cry of warning to get out of the way, as if of hot water.رستي تان هٽي وڃڻ لاءِ رڙ ڪرڻ.

scaldino (اسڪالڊنو) **n** an Italian earthenware brazier (Ital). اٽليءَ ۾ مٽيءَ جا ٺانو ٺاهيندڙ ڪاريگر، اٽليءَ جو ڪنير يا ڪنيار.

scale[1] (اسڪيل) **n, vt.** a graduated series or order; a dish of a balance; a graduated measure; a system of definite tones used in music; a succession of these performed in ascending or descending order of pitch through one octave or more; the compass or range of a voice or instrument; a numeral system; a system or scheme of relative values or correspondences; the ratio of representation to object; relative extent; a ladder; a scaling-ladder; a flight of steps; to mount (as by a ladder); to climb; to change according to scale..پيمانو، ماڻ، سلسليوار بيهڪ. سلسليوار پيمانو، موسيقيءَ ۾ سازن جي وڄڻ جو طريقو، (گهٽ) وڌ، هلڪو تيز، آواز جو گهٽ ٿيڻ يا وڌڻ (۽ ان جي ماپ جو طريقو وغيره)، ڳڻڻ جو سرشتو، مختلف شين جي درميان لاڳاپيل ماپڻ جو ماڻ، ٻئي مادي يا ماڻ سان ڀيٽڻ ۽ ان جو حاصل، ڏاڪڻ، سلسليوار طريقو، ڏاڪڻ چڙهڻ، هيٺان کان مٿي وڃڻ، بدلجڻ، مٽجڻ (آواز)، فوٽ پٽي.

scale[2] (اسڪيل) **n, vt, vi.** a thin flake on a fish, reptile; a readily detached flake; a lamina; an overlapping plate in armour; a small, flat, detachable

piece of cuticle; a reduced leaf or leaf-base, often membranous, or hard and woody; a small flat structure clothing a butterfly's or moth's wing; the waxy shield secreted by a scale insect; an encrustation; a film, as on iron being heated for forging; a side piece of a razor or clasp-knife handle; to clear of scales; to peel off in thin layers; to come off in thin layers or flakes; to become encrusted with scales.. چلر، تهہ، ورق، خول، کوپو. چلتو پرت، چلکو، چلتو، کڙي، تهہ، کل، پن، پن ڏانڊي، پن ڏانڊيءَ جي تبديل ٿيل کنڊائين صورت، چلتائن، چلر لاهڻ، جيان جي پرن جي هڏي، بليڊ جو (تيز) پاسو، سنهي ڪاتر ڪرڻ، کل يا تهن جي صورت ۾ لهڻ، چلرائون ٿيڻ (کل جو)، چلرن واري صورت وٺڻ.

scale[3] (اسڪيل) n a balance pan; a balance; Libra, a constellation and a sign of the zodiac; to weigh; to weigh up; to weigh or be weighed, as a jockey.. ساهميءَ جو پڙ، پيمانو، تارازي، پرماڻ، پڙ، تورڻ جو سامان، تورڻ، تورجڻ (سوارجو)، وزن جو ڪانٽو، ساهميءَ وارو برج.

scale[4] (اسڪيل) vt variously explained as to spread, disseminate, to lay bare, make clear or as a misprint for stale.. ڦهلائڻ، عام ڪرڻ، کولي رکڻ، صاف بڌائڻ، غلطيءَ کي درست ڪرڻ.

scale armour (اسڪيل آرمر) n armour of overlapping scales. هڪ ٻئي مٿان ورائي چاڙهيل زرهہ، تهدار زرهہ.

scale beam (اسڪيل بيم) n the beam of a balance. ساهميءَ جي ڪامر يا ڪاني، تارازيءَ جي ڏنڊي.

scale board (اسڪيل بورڊ) n a very thin slip of wood. ڪاٺيءَ جو سنهو تهہ، ڪاٺيءَ جو سنهو پڙچ، ڪاٺيءَ جي سنهي پٽي.

scale fern (اسڪيل فرن) n a fern whose back is densely covered with rusty-coloured scales. پرسيان (ٻوٽو) جيڪو زنگ آلود رنگ جي کل سان ڍڪيل هجي.

scale fish (اسڪيل فش) n a dry-cured fish, such as haddock, hake, pollack; a fish with scales. چلرن واري مڇي، پلو، ڪرڙو وغيره.

scale insect (اسڪيل انسيڪٽ) n any insect of the homopterous family, in which the sedentary female fixes on a plant and secrets a waxy shield. لاک جو ڪينئون، لاک جيت، چلڪي وارو ڪينئون.

scale leaf (اسڪيل ليف) n a scale that is homologically a leaf. چلڪي وارو پن، کل جهڙو پن، چلر نما پن، ڪچڙو پن.

scale model (اسڪيل موڊل) n a model of something made in a reduced size but accurate proportion. ڪنهن بہ شيءِ جو ننڍي سائيز ۾ پر بلڪل صحيح نسبت ۾ ٺاهيل ماڊل.

scale moss (اسڪيل موس) n a liverwort with small leaflike structures. چلر نما سينور، پني نما سينور مادو، ڪائي ۽ الجي ٻوٽا.

scalene (اسڪيلين) adj (of a triangle) with three unequal sides; (of a cone or cylinder) with three oblique to the base; denoting a neck muscle the scalemus. ٽن مختلف ماپ جي پاسن وارو ٽڪنڊو، ٽڪنڊي جا مختلف پاسا، اڻبورو پاسو، اڻ پورو ٽڪنڊو.

scalene cone (اسڪيلين ڪون) n a cone with the axis not perpendicular to the base. مخروطي شڪل جي چوٽي جيڪا پنهنجي مدار سان بنياد تي اڀي نہ هجي، مختلف پاسي مخروط، اڻ ٺهڪيل گنبذ.

scalenus (اسڪيلينس) n one of the paired muscles in the neck extending to the first and second ribs, being obliquely situated and unequal-sided.. مختلف، جدا، اڻ برابر، مختلف پاسو.

scaler (اسڪيلر) n an instrument incorporating more than one scaling circuit, a device that counts very rapid pulses, by recording at the end of each group of specified numbers instead of after individual pulses; a scaling circuit itself. هڪ کان وڌيڪ نمونن سان ماپ جو اوزار، تمام تيز نبض پرکڻو.

scaling (اسڪالنگ) n climbing; adjustment to or in a scale. چڙهڻ، ڏاڪڻ تي چڙهي وڃڻ، ماپ مطابق بيهارڻ، درجي وار ڪرڻ.

scaling-ladder (اسڪيلنگ ليڊر) n a ladder for climbing the walls of a fortress; a fireman's ladder. قلعي جون پٿيون ٽپڻ لاءِ خاص ڏاڪڻ، باهہ وسائيندڙن جي وڏي ڏاڪڻ.

scall (اسڪال) n scab, scabbiness, esp of the scalp; scurvy; mean.. خارش، پت، ڦت، ٻقو، گنج، خشڪ خارش، ڪجلي، ڪوڙهہ، جذام، وارچرو، خارش مرض، ڪميڻو، حرامزادو، بدمعاش، ڪريل، لوفر.

scallion (اسڪيلين) n the shallot; the leek; an onion with a slim bulb; a spring onion. لوسڻ، بصر جو خاص قسم، ننڍي ڳنڍ وارو بصر، سائو بصر.

scallop (اسڪيلوپ) n an edible bivalve of the oyster family, having a sub-circular shell with sinuous radiating ridges and an eared hinge-line; a dish or other object of similar form; a shallow dish in which oysters are cooked, baked, and browned; the cooked oysters; a potato slice cooked in batter; one of a series of curves in the edge of anything; an escalope; to cut into a scallops or curves; to cook in a scallop with sauce and breadcrumbs; to gather or search for scallops.. سپ جو قسم، ٽانوي صدف، نيڏي شڪل، صدفي شڪل ٿانءُ، تسري، تاسري، ٻسي، سڌي پليٽ، ساسر، پڪل صدف، ڪنهن يا ڪيهہ ۾ ڀڪل پٽاٽن جي ڪاتر، ڪناريدار يا ڪنجدار بيهڪ، بغير هڏيءَ جي گوشت جو ٽڪر، گوشت جا سنها

نکر ڪرڻ. فراڪي پان. فراڪي پان يا ٽڪي تي ترڻ. سپون ڳولڻ.

scallop shell (اسڪيلوپ شيل) **n** the shell of a scallop, esp that of a Mediterranean species used as the badge of a pilgrim to the shrine of St James of Compostela. سپ جو هڪ قسم (جيڪو پونوچ سمنڊ ۾ ملي ٿو). سپ جو خول. صدف. سپي. سپيٽڙو.

scallywag, scallawag or **scalawag** (اسڪيليويگ) **n** an undersized animal of little value; a good-for-nothing; a rascal, scamp; a southerner who cooperated with the Republicans in the Reconstruction period of US. لچ. ڪميڻو. بدمعاش. انوري. بد ذات (آمريڪا ۾) ڏاکڻي علائقي جو باشندو جنهن نئين نظام نافذ وارن اتر وارن علائقن جي ماڻهن يا ريپبليڪن پارٽيءَ جو ساٿ ڏنو.

scalp[1] (اسڪالپ) **n, vt, vi.** the skin of the skull; the outer covering of the skull; the top or hairy part of the head; the skin on which the hair of the head grows; a piece of that skin torn off as a token of victory by some tribes of N American Indians; a bare rock or mountain-top; a bed of oysters or mussels; to cut the scalp from; to buy cheap in order to resell quickly at a profit; to buy up and sell (theatre, travel or other tickets) at inflated prices; to destroy the political influence of. مٿي جي کل. کوپري. کوپڙيءَ جي چمڙي. مٿي جو وارن وارو حصو. مٿي جي کل جنهن تي وار نڪرندا آهن. سمهران سون. چوٽي. ٽپڻ. جلد سر. چوٽي. (ڏکڻ آمريڪي ماڻهن جو) ڪنڌ مهل يا سوپ وقت دشمن جي کل جو لڪر لاهڻ. جبل جي خالي يا ويران چوٽي. سپن واري جاءِ. کل لاهڻ. سستو ڪري وٺڻ. سستو خريد ڪري وڌيل اگهه تي ڏيڻ يا وڪڻڻ. (ڪنهن جو) سياسي اثر رسوخ ختم ڪرڻ. سياسي طور نقصان پهچائڻ.

scalp[2] (اسڪالپ) **vt** and **vi** to scrape; to cut; to engrave. کوڙڻ. کهرڙڻ. کپڻ. کرڙڻ. اکرڻ. نقش ناهڻ. چٽ وهارڻ. ٽپي چٽڻ.

scalpel (اسڪالپيل) **n** a small knife used for dissecting or operating. جراحي چري. نشتر. جراحي نشتر. جراحي چاقو. پاڪي.

scalpelliform (اسڪالپيليفارم) **n** shaped like a scalpel. چريءَ جهڙو. نشترنما. چاقوءَ جهڙو. پاڪيءَ جهڙو.

scalper (اسڪالپر) **n** a scalprum; an engraver's scauper. ٽاڪڻي. چٽ ناهڻ واري چيڻي. کرچڻي. سنگ تراش. کرچيندڙ.

scalping-knife (اسڪالپنگ نائيف) **n** a knife for scalping enemies. کوڙڻ. کهرڙڻ يا کرڙڻ جو چاقو. يا چري.

scalping-tuft (اسڪالپنگ ٽفٽ) **n.** a scalp lock. وارن جي چڳ.

scalpins (اسڪالپنس) **n pl** small stones used for drainage in excavations, and as hardcore. ننڍڙا پٿر. نڪاسيءَ جي لاءِ يا کوٽائيءَ ۾ وجهڻ. (سخت تهه طور).

scalp lock (اسڪالپ لاڪ) **n** a long tuft of hair left unshaved as a challenge by N American Indians. (آمريڪي اصلوڪن باشندن جو) هڪ وارن جو وڏو چڳو جيڪو مقابلي طور رکيل هجي.

scalpriform (اسڪالپريفارم) **adj** chisel-shaped. چيڻيءَ نما. نشتر نما.

scalprum (اسڪالپرم) **n** a surgeon's rasping instrument. جراح جو تيز چاقوءَ جهڙو اوزار. کرچڻي.

scaly (اسڪيلي) **adj.** covered with scales; resembling scales, lamine, or layers. چليرو. چيلڻون. چليوون. چلرن وارو. چلڪيدار. کوپي دار. تهه دار. کهرو. قشري.

scamble (اسڪئمبل) **vi** to scramble (for something scattered); to get along somehow; to shamble; to sprawl; to get together with effort; to move piecemeal; to scatter as for a scramble; to squander. ٽيڙڻ. پکيڙڻ. ٽيڙي چلڻ. ڦهلائڻ. (ڪنهن سان) گڏجي وڃڻ. ملائي چلڻ. منجهائڻ. ڪوشش سان ميڙي گڏ ڪرڻ. وڃائڻ. ضايع ڪرڻ. ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ. ڦهلائڻ.

scambler (اسڪيمبلر) **n** a mealtime sponger. کائڻ جي وقت حاضر. مفت خور. حرام خور. طفيلي.

scambling (اسڪيمبلنگ) **n** scrambling; a haphazard meal. اتفاقي کاڌو. بچيل کاڌو پيتو.

scambling-days (اسڪيمبلنگ ڊيز) **n pl** days of makeshift meals in Lent. روزن واري مهيني ۾ معمولي کاڌي کائڻ وارا ڏينهن.

scammony (اسڪيمني) **n** a twining Asian plant with arrow-shaped leaves; its dried root; a cathartic gum-resin obtained from its root or that of a substituted (Gr). سقمونيا. محمودو. محمودو رنگ.

scamp[1] (اسڪيمپ) **vi, n.** to go about idly; to take to the highway (as a robber); a knave, swindler, rogue, highwayman; a rascal; a lively, tricky fellow. رول. رولاڪ. نڪمو. ڪميڻو. لتاڻ. لچ. ٺگ. ڌاڙيل. ڦورو. چور. بدمعاش. اوباش. حرڪتي. حرفتي. دغاباز. لوفر. حرامخور.

scamp[2] (اسڪيمپ) **vt** to do or execute perfunctorily or without thoroughness. لاءِ الهو بلو ڪرڻ. ڪم رلائڻ. لنگهائڻ. تير تڪلي جو ڪم ڪرڻ. ترڪتال جو ڪم ڪرڻ. بيگار وهڻ.

scamper (اسڪيمپر) **vi, n.** to run or skip about briskly; to scurry; to decamp; an act of scampering; a hurried run. ترڪتال جو ڪم ڪرڻ. ڀڄي وڃڻ. ڊوڙڻ. رفوچڪر ٿي وڃڻ. تکڙو ڀڄڻ.

scampi (اسڪيمپي) **n pl** crustaceans of the species (called the Norway lobster or Dublin Bay prawn) when cooked and served as a dish. سامونڊي جيوت. جهينگي يا ڪانگٽ جي جنس جو جانور.

scan (اسڪان) **vt** to analyse metrically; to measure by the metrical feet, as a verse; to scrutinize or examine critically or closely; to judge; to interpret, read; to make out; to examine all parts of in systematic order; (TV) to pass a beam over every part of in turn; to make pictorial records of the body or part of it by various techniques, eg ultrasonics; to examine data on a magnetic disk; to search out by swinging the beam; to glance over quickly; loosely, to cast an eye negligently over; to climb, scale; to conform with the rules of metre; to analyse or recite verse metrically. تقطيع ڪرڻ، تحقيق ڪرڻ، جاچڻ، سوچڻ، آزمائڻ، غور سان ڏسڻ، (ڳالهه) جاڻڻ، وزن ڪرڻ، پيمائش ڪرڻ، جاچي جوچي ڏسڻ، سَر ۾ چوڻ يا ڳائڻ، چڱيءَ طرح پرکڻ، سلسليوار تپاسڻ، (ٽيليوزن جو) هڪ ئي وقت مختلف طرفن ۾ پروگرام نشر ڪرڻ، بدن جي مختلف حصن جون تصويرون ناهڻ، اليڪٽران ذريعن سان (شعاعي طريقي) جسم جي اندروني عضون جي تصويري فلم، ڊسڪ ۾ پيل مواد (ڪمپيوٽر تي) ڏسڻ، روشني وجهي يا ٽارچ هڻي ڳولهڻ، تيز تيز نظر وجهڻ، سرسري نظر وجهڻ، چڙهڻ، مٿي وڃڻ، (موسيقيءَ جي) اصولن مطابق بيهارڻ، سر ۾ ناهڻ، سر ۾ ڳائڻ.

scandal (اسڪينڊل) **n, vt.** public reproach; shame; defamatory talk; slander; something said which is injurious to reputation; a false imputation; malicious gossip; opprobrious censure; a disgraceful fact, thing, or person; a shocked feeling; a stumbling-block to religious faith; anything that brings discredit upon religion; to defame; to disgrace; to shock. بدنامي، بدناموسي، خواري، بي عزتي، ذلت، بهتان، پرائي تات، غيبت، ڪلنڪ، پرچار، بدمثال، گلا جهڙي ڳالهه، ننداء، گلا، خوار، بدنام ڪرڻ، بيعزتو، بدنام، (مذهبي طور) ۾ چاپڙيو، لڪ هيڏي لڪ هوڏي، مذهب خلاف ندا جهڙي ڳالهه، بدناموسيءَ واري لڪت، بدنام ڪرڻ، پريشان ڪرڻ، خوار ڪرڻ، جهٽڪو ڏيڻ.

scandal-bearer (اسڪينڊل بيئرر) **n** a propagator of malicious gossip. اجائي ڳالهه کي ڦهلائيندڙ، افواهه ڦهلائيندڙ، بدنام ڪندڙ.

scandalize (اسڪينڊلائيز) **vt** to give scandal or offence to; to shock; to disgrace; to slander; to talk scandal. بد نام ڪرڻ، بد مثال ڏيڻ، ڪلنڪ لائڻ، ثابڙائڻ، نوڪر ڏيڻ، رسوا ڪرڻ، خوار ڪرڻ، گلا ڪرڻ، ندا ڪرڻ.

scandalmonger (اسڪينڊل مونگر) **n** one who spreads or relishes scandal. گلا خور، خواري دار.

scandal sheet (اسڪينڊل شيٽ) **n** a newspaper with a reputation for publishing scandal or gossip. اها اخبار جيڪا اجائي ڳالهه ڇاپڻ ۾ مشهور هجي.

scandalled (اسڪينڊلڊ) **adj** disgraceful; slandered. بي عزتو ڪرڻ، بدنام ڪرڻ.

scandalous (اسڪينڊيلوئس) **adj** giving scandal or offence to; shameful; defamatory; slanderous; openly vile; defamatory. بدناموسي جهڙو، خواريءَ - گلا جهڙو، برو، بدناموسيءَ وارو، خواريءَ جو.

scandent (اسڪينڊينٽ) **adj** (esp of plants) climbing. مٿي چڙهڻ (ٻوٽن جو).

Scandinavian (اسڪينڊيناوين) **adj** of, or characteristic of, Scandinavia, the peninsula divided into Norway and Sweden, but in a historical sense, applying also to Denmark and Iceland; N Germanic; a native of Scandinavia. اسڪينڊينويا ملڪن جو (جن ۾ ناروي ۽ سوئيڊن اچي وڃن ٿا، ۾ تاريخي طور ڊينمارڪ، آئيس لينڊ ۽ اتر جرمنيءَ کي به ان ۾ شامل ڪيو ويندو آهي)، ان علائقي جا رهاڪو.

scandium (اسڪينڊيم) **n** a rare metallic element (symbol sc; atomic no 21) found in various rare minerals incl. the scandinavian mineral euxenite in which it was discovered. تمام گهٽ ملندڙ معدني مادو، اڻ لڀ معدني ڌاتو.

scansorial (اسڪينسوريل) **adj** climbing, esp denoting birds of the old order; adapted for climbing, esp denoting a bird's foot having two forward-facing and two rear-facing toes. مستي، بلنديءَ تي چڙهڻ وارو، چڙهندڙ، (جانورن جا) چڙهڻ وارا چنبا.

scant (اسڪانٽ) **adj** not full or plentiful; scarcely sufficient; scarce; deficient; short, poorly supplied; sparing; scarcity; barely; scantily; to stint; to restrict; to reduce; to dispense sparingly; to treat inadequately; to slight. قليل، ٿورو، محدود ڪرڻ، گهٽ ڪرڻ، ڪوتاهي ڪرڻ، ناڪافي، ڪنجوسائي ڪرڻ، گهٽ ڪرڻ، سستيءَ ڪان ڪم وٺڻ، ڊيگهه ڪرڻ، لڙائڻ، بي ڌياني ڪرڻ.

scantle (اسڪانٽل) **vt** to stint; to make scant; to shorten; to become scant; a portion; a gauge for slates; to adjust to measure. ٿورو ڪرڻ يا محدود ڪرڻ، ننڍو ڪرڻ، بندرو ڪرڻ، گهٽ ٿيڻ، زور، ڀاڱو، ماڻ، ماڻ مطابق بيهارڻ.

scantling[1] (اسڪانٽلنگ) **n** a small quantity or a portion; a sample; petty. ڪاٺ جو ٽڪرالو، معمولي ذرو، ٽڪر، نمونو، سوٽو پوٽو (ٽڪر).

scantling[2] (اسڪانٽلنگ) **n** the dimensions of timber used in building, shipbuilding; a sample or pattern; a narrow piece of timber; a small quantity or amount; a gauge. عمارتي، تنگ يا سوڙهو ٽڪرو (لڪڙيءَ جو)، ڪم لاءِ ڪاٺيءَ جو ٽڪرو، ننڍو ٽڪر، معمولي رقم، ماڻ، ماپو.

scanty (اسڪانٽي) **n** insufficient; meagre; deficient; skimped; lacking fullness; parsimonious. معمولي، ٿورو، تنگ، ڪسو، اولو، اڻپورو، غير مڪمل، گهٽ، ڪوتهه، پڪشت، پڪو، مَٺ، پيڙ، ڪنجوس.

scape[1] (اسڪيپ) **n** an escape; an escapade; a trans-

gression: a slip: to escape. بچي نڪرڻ. فرار. افرا تفري. ڇڙواڳي. بچاء. آزادي. بچڻ. ڏسڻ. ڪـھـڙي اچڻ. اڳرائي ڪرڻ. ڪسڪي وڃڻ. ڀڄي وڃڻ. رهائي.

scape[2] (اسڪيپ) **n** a stem or flower stalk rising from the ground, without foliage leaves; the basal part of an antenna; the shaft or stem of a feather; the shaft of a column. ٿڙ جنهن ۾ ميوو اچي پران ۾ پن نہ هجن. گل ڏانڊي، ميويدار ٿڙي، ميوي آور ٿڙي، ٻوٽي جي اهڙي ٿڙي جنهن تي رڳو ميوا يا گل پيدا ٿين. اينٽينا جو ڏنڊو يا هيٺيون حصو. ٿڙ يا ٿل جو هيٺيون حصو.

scape[3] (اسڪيپ) **n** the cry of the snipe when flushed; the snipe itself. لڪ پکيءَ جي (اڏرڻ مهل) ڪيل رڙ. لڪ پکي. اسنف پکي. لڪڻو پکي. ڏومر پکي

-scape (اسڪيپ) **sfx** indicating a type of scene or view, as in seascape, streetscape, landscape etc. نظارو، منظر. لقاءُ. ڏيک. تصوير.

scapegallows (اسڪيپ گيلوز) **n** a person who deserves hanging. اهو ماڻهو جيڪو ڦاهيءَ جو مستحق هجي.

scapegoat (اسڪيپ گوٽ) **n, vt.** a goat on which, once a year, the Jewish high-priest symbolically laid the sins of the people, and which was then allowed to escape into the wilderness; one who is made to bear or take the blame for the failings, misfortunes or misdeeds of another; to make into or treat as a scapegoat. صدقي جي ٻڪري. ڪرم هيڻ. اوڳان. سڀ جي پـاڄائي. (بيگناهہ شـخص) جنهن تي ڪنهن ٻئي جو الزام لڳايو وڃي. جنهن تي ٻئي جو ڏوهہ يا دوش ٻوي . صدقي جو ٻڪرو ڪري ونڻ.

scapegoating (اسڪيپ گوٽنگ) **n** the practice of making someone into or using someone as a scapegoat, esp involving harsh or violent treatment; a psychological syndrome of this nature. اهو ماڻهو جنهن کي صدقي جو ٻڪر بڻايو وڃي. دماغي خلل جو مرض. چرياڻ مستالو.

scapegrace (اسڪيپ گريس) **n** a graceless fellow; an incorrigible rascal. بي حياء. شرير. بي باڪ. شيطان. شتر بي مهار. بي شرم. بدمعاش.

scapement (اسڪيپمينٽ) **n** an escapement. بچي نڪرڻ. نڪري وڃڻ.

scaphocephalus (اسڪيفوسيفالس) **n** an abnormally long and narrow boat-shaped skull. ڊگهو. سوڙهو. غير معمولي ڪوپڙيءَ جو هڏو. لوتي مٿو.

scaphoid (اسڪيفائيڊ) **adj** boat-shaped. ٻيڙيءَ جي شڪل جو. ڪشتيءَ نما. ٻيڙيءَ وانگر.

scaphoid bone (اسڪيفائيڊبون) **n** a boat-shaped bone on the thumb side of the wrist or ankle joint, the navicular bone. ٻيڙيءَ نما هڏو. ڪشتيءَ نما هڏي.

scaphopod (اسڪيفپوڊ) **n** a member of the class of marine molluscs (tooth or tusk shells), in which the foot is trilobed or has a terminal disc and the mantle forms a tube enclosed by the tubular univalve shell. ڪوڏ نما. پير وارا سامونڊي جيو.

scapigerous (اسڪيپيجيريوٽس) **adj** having a scape. بچي ويندڙ. ڀڄي آيل. نڪري ويل.

scapolite (اسڪيپولائٽ) **n** any of a group of rare minerals, silicates of aluminium, calcium, and sodium with some chlorine, crystallizing in the tetragonal system. ڏنڊي نما پٿر. لٺ شڪل پٿر.

scapple or **scabble** (اسڪيپل) **vt** to work or shape stone roughly, without smoothing to a finish. ڪنهن پٿر کي لسو ڪرڻ کان سواءِ شڪل ڏيڻ.

scapula (اسڪيپولا) **n** the shoulder blade. ڦڻ. ڦٽي. ٻانهن جو پٺيءَ تي چڙهيل هڏو. ڦٽي هڏو. هنجي. ڪلهي جي ڦٽي.

scapular (اسڪيپولر) **adj** of the shoulder blade or shoulder; an ordinary working garb; a long strip of cloth with an opening for the head, worn ganging in front and behind over the habit; to pieces of cloth tied together over the shoulders; a supporting bandage worn over the shoulder; any of the small feathers lying along the shoulder in birds. ڦٽي دار. پکين جا اڳئين حصي وارا (کنيڙيءَ وارا) پر. ڪلهن متعلق. پکين جون کنيڙائيون. ڪلهن تي ٻڌڻ جي پٽي. پادرين جو لباس (جنهن جا ٻہ ٽڪر ڪلهن تي ملي وڃن).

scapulated (اسڪيپوليٽڊ) **adj** with noticeable scapular feathers. کنيڙيءَ وارن وڏن ۽ گهڻ کنين وارو.

scapulimancy or **scapulomancy** (اسڪيپوليمينسي) **n** divination by means of the cracks appearing in a burning shoulder blade. ڪلهي جي هڏي يا هنجيءَ کي سـاڙي ان سان فال ڪڍڻ.

scapus (اسڪيپس) **n.** the shaft of a column. ٿل جي سرائي. پر ڏنڊي. کنيڙي.

scar[1] (اسڪار) **n, vt, vi.** the mark of an injury, wound, ulcer or sore; any mark or blemish; any mark, trace or result of injury of a material, moral or psychological nature; a mark at a place of former attachment, eg of a leaf; to mark with a scar; to become scarred. ڦٽ جو نشان يا چٽو. داغ. تڪو. روڳي نشان. (اخلاقي) تهمت. ٻج. ميوي يا پن ڇڻڻ کانپوءِ ٽاريءَ تي ان جاءِ جو نشان. داغي ڪرڻ. داغي ٿيڻ.

scar[2] or **scaur** (اسڪار) **n** a precipitous bare place on a hill-face; a cicatrix; a cliff; a reef in the sea. جبل جي لسي ايڪپري چاڙهي. سامونڊي ڪناري جي اونهي لاهي.

scar[3] (اسڪار) n a parrot-wrasse; scar fish. طوطي ڇهنب يا طوطي منهن مڇي.

scarab (اسڪاراب) n any scarabaeid beetle, esp a dung beetle; the sacred beetle of the Egyptians, or related species; a gem carved in the form of a beetle, used by the ancient Egyptians as an amulet seal; a term of abuse. چيٽي ڪنڊي، پراڻي مصر جو هڪ ڪنڊڻ جهرڙو جيت، ڪنڊڻ صورت پٿر يا هيرو، مصرين جوهڪ تائٿ، گار، گٿو لفظ.

scarabaeid or **scarabaean** (اسڪارابائيڊ يا اسڪارابيئن) n and adj (any lamellicorn beetle) of the family incl the dung beetles, chafers, stag beetles. ڪنڊڻن جو هڪ مخصوص خاندان.

scarabaeist (اسڪارابائيسٽ) n one who studies scarabaeid beetles. ڪنڊڻن جو مطالعو ڪندڙ.

scarabaeoid (اسڪاراباڻيوڊ) adj resembling a scarabaeid; a scarabaeid or a gem carved in the shape of one. ڪنڊڻيءَ صورت، ڪنڊڻ نما، ڪنڊڻ صورت پٿر يا جواهر.

scarabaeus (اسڪارابيئوس) n a beetle of the genus of lamellicorn beetles, the typical genus of the scarabaeidae. ڪنڊڻ جو قسم.

scarabee (اسڪارابي) n a scarabaeid beetle. چيٽي ڪنڊيءَ جهڙو.

scaraboid (اسڪارابائيڊ) n a carved gem only vaguely resembling a beetle in shape; a scarabaeid. ڪنڊيءَ سان تقريبن ملندڙ صورت وارو هيرو يا پٿر.

scarce (اسڪارس) adj by no means plentiful; deficient; uncommon; not often found; hard to get; in short supply; sparing; scarcely; with difficulty; hardly ever. اڻ لڀ، ورلو، قليل، ڪم ياب، عنقا، نادر، ٿورو، معمولي تعداد ۾ موجود، تڪليف سان ملندڙ.

scarcely (اسڪارسلي) adv hardly, scantly; barely; only just; not quite; not at all; scantily. ورلي، اچان اتفاقي، معمولي، ڪجهه ۾ نه، مس مس، اجا (ويو) ته.

scarcement (اسڪيئرسمينٽ) n a ledge formed by the setting back of a wall, buttress or bank. ڇپو، ڪگر، چولداري.

scarcity (اسڪيئرسٽي) n state, condition or fact of being scarce; shortness of supply, esp of necessaries; dearth; deficiency; niggardliness. قلت، ڪمي، ڪميابي، تنگي، اڻاٺ، کوٽ، قحط، ٿورائي، اوڻائي، اڻ لڀائي، ڪمتي، ليافت، ڪاپٽ، ڏڪر، ٿورڙائي، نايابي.

scare (اسڪيئر) vt to strike with sudden terror; to startle, to frighten; to drive or keep off by frightening; to become frightened; a fright; a panic; a baseless public alarm. ڊَپ، ابائي، خطرو، ابو، ڊپ ڏيارڻ، دهشت، ڊيڄارڻ، خوف زده ٿيڻ، ڏڙڪوٽ، خوف ڏيارڻ، افراتفري.

scarecrow (اسڪيئرڪرو) n anything set up to scare birds from crops; anything terrifying; a vain cause of terror, a bogy; a shabbily-dressed person; a person so thin that his or her clothes appear ill-fitting. گٿو، ڪانءُ ٻوتو، اوٺو، پيالڪ شڪل جو تيلو، (جهار هڪلڻ لاءِ) ڪانيءَ ۾ ٻڌل ماڻهوءَ مثل ٻوتو (جيڪو پکين کي ڊيڄاري ڀڄائڻ لاءِ ٻنيءَ ۾ بيهاريو ويندو آهي)، پکي ڀڄائيندڙ پتلو، گٿو، اوڙو، بد لباس ڏيکائو.

scaredy-cat (اسڪيئرڊي ڪيٽ) n a term of abuse used by children, in addressing someone who is afraid to undertake some dangerous or illicit act; a coward. نامرد، بزدل، ڊڄڻو، ڪمزور دل، نڪمو، بي همت.

scare-head, scare-heading or **scare-line.** (اسڪيئر هيڊ، اسڪيئر هيڊنگ، اسڪيئرلائين) n a newspaper heading designed to raise a scare. افراتفري يا ڏڙڪوٽ پيدا ڪرڻ واري اخباري سُرخي، ڌمڪاءُ پکيڙيندڙ اخباري خبر.

scare monger (اسڪيئر مانگر) n an alarmist, someone who causes panic by initiating or encouraging rumours of trouble. اجايا افواهه پکڙيندڙ ماڻهو، افراتفري ڦهلائيندڙ، ڊپ ڏياريندڙ، ڪوڙ شور ڪرائيندڙ.

scare tactics (اسڪيئر ٽئڪٽڪس) n actions or words solely intended to intimidate. زور بار ڪرڻ وارو عمل يا لفظ، ٻئي تي دٻاءُ وجهڻ، دهشت زده ڪرڻ.

scare up (اسڪيئر اپ) vt, vi. to beat up; to hunt out; to produce a meal quickly; to rustle up. ڪرڪر ڪرڻ، سرسراهٽ، جهر جهر ڪرڻ، مارڻ، ڪٽڻ، ڳولي هٿ ڪرڻ، جلدي ماني تيار ڪري ڏيڻ، سيڙهه سگهوڙ ڪرڻ، ٽڙ ٽڪڙ، ٽڪڙ پڪڙ ۾ سامان ميڙڻ.

scarf[1] (اسڪارف) n a light decorative article of material thrown loosely on the shoulders about the neck, or tied around the head; a muffler; a military or official sash; a band worn around the neck with ends hanging in front; a veil; a necktie; a strip of woollen or other warm fabric to tie or tuck round the neck, a cravat; a sling for an injured limb. رئو، ٻوتي، چُني، چادر، ڊَپٽو، رومال، ٻوڇڻ، گلوبند، الڪوچو، اوڍڻي، ڪل، پوسٽ، ڪوش، مفلر، نيڪ ٽاءِ، ڳلي کي ٻڌڻ يا ويڙهڻ وارو ڪپڙو، (ٻانهن کي جهلڻ واري) ڳچيءَ ۾ پيل پٽي.

scarf[2] (اسڪارف) n, vt. a joint in timber; a joint between pieces placed end to end, cut so as to fit with overlapping like a continuous piece; an end so prepared; a longitudinal cut in a whales carcase; to joint with a scarf-joint; to make a scarf

ڪاٺين جا ٻہ ٽڪر ڳنڍڻ، ڏاليدار جوڙ، ڪاٺ کي ڪانچو هڻي.in. برابر ڪري جوڙڻ، ڪاٺ جا ٻہ ٽڪر جوڙي پڪو ڪرڻ، و هيل مڇيءَ کي ڏنل ڏکو ڇهڪ يا چيرو.

scarf[3] (اسڪارف) **vt** to devour greedily.هڙپ ڪرڻ (جي) لالچ)، ڳهڻ، هپائڻ، تڪڙو تڪڙو کائڻ، ڳڙڪائڻ.

scarfed (اسڪارفڊ) **adj** wearing a scarf, decorated with scarves..(گلي بند سان آراستہ) رومال پوش، چادر اوڍيل، مفلر اوڍيل، رڳو پاتل.

scarf-pin (اسڪارف پن) **n** an ornamental pin worn in a scarf; a tie-pin. رومال ۾ لڳائڻ واري پن، ٽيڪ ٽاءِ جي پن.

scarf-ring (اسڪارف رنگ) **n** an ornamental ring through which the ends of a scarf are drawn.زيور نما چلو (جيڪو رومال جي ڪنڊن کي ڳنڍي)، چلو جنهن ۾ رومال جون ڪنڊون وجهي ڇڪي بند ڪجي (جيئن اسڪائوٽن جو گلو بند).

scarfskin (اسڪارف اسڪن) **n.** the outer human skin; the cuticle; the epidermis; the surface skin..مٿين کل، اوپري سطح، ٻاهرين چمڙي، مٿاڇرو، کوش، پوست، جهلي، چمڙي تهہ.

scarf wise (اسڪارف وائيز) **adv** in the manner of a scarf or sash, over the shoulder, diagonally across the chest and back, and secured under the arm.رومال ٻڌڻ جا آداب، ڪلهي تي رومال رکي ان کي ڪلهي جي هيٺان ورائي سيني تي ٻڌڻ.

scarificator (اسڪريفڪيٽر) **n** a surgical instrument for scarifying; a scgrifier.ڪوٽڻ وارو جراحيءَ جو اوزار، ڪرڙڻ وارو چاقو، نشتر فرنگي، نشتر زن، جراح.

scarifier (اسڪري فاير) **n** one who scarifies; an implement for breaking the surface of the soil or of a road..اهو جيڪو کوٽائي ڪري، کرڙي يا کوٽي، کوڙيندڙ، رهڙيندڙ. نشتر جراح، نشتر زن، حجام، زمين پنجو ڪندڙ اوزار، زمين پورڻو اوزار.

scarify (اسڪريفاءِ) **vt.** to make a number of superficial scratches or slight cuts in the skin; to break up the surface of; to lacerate the skin with a series of small punctures, as in inoculation; to criticize harshly and severely.ڇهڪ ڏيڻ، چير ڏيڻ، کل کرڙڻ، تهہ کي چيرڻ، رهڙڻ، ڏنب ڏيڻ، نشتر هڻڻ، کل ڪتڻ، کل رهڙڻ، ڏنگڻ، ٽڪا هڻڻ، جلد تي خارش جا نشان، زمين کوٽڻ، کل کي زخمي ڪرڻ، سنها سوراخ ڪرڻ، ٽڪا هڻڻ، سخت تنقيد ڪرڻ، چٽي نوڪ ڪرڻ.

scarious (اسڪيرئس) **adj** thin, dry, stiff and membranous; scaly, scurfy..سنهو، سنهڙو، سيپڪ، پوسي دار، ڪاغذي، ڪاغذ جهڙو، سنهڙو، خشڪ پردو، ميرو ڳچيلو.

scarlatina (اسڪارلاٽينا) **n** a malady characterized by fever and red rashes; scarlet fever (Ital)..لال بخار، سرخ تپ، تپ قرمزي، ڪهنبڙو تپ.

scarlet (اسڪارليٽ) **n, adj** & **vt.** a brilliant red colour; a fine cloth, not always red; a brilliant red cloth, garment or garb or its wearer; of the colour scarlet; dressed in scarlet; to redden..ڳاڙهو، رتول، قرمزي، گلنار، ڪهنبڙو، قرمچي، ڳاڙهو رنگ.

scarlet-bean (اسڪارليٽ بين) **n** another name for the scarlet runner. هڪ قسم جي سرخ ڦري، ڳاڙهي ڦري.

scarlet fever (اسڪارليٽ فيور) **n** an infectious streptococcal fever, usu marked by a sore throat, sickness and a scarlet rash, scarlatina.ڳاڙهو تپ، لال بخار، تپ محرڪہ، ڪهنبڙو تپ، سرخ بخار، تپ قرمزي.

scarlet gernium (اسڪارليٽ جرنيم) **n** a scarlet-flowered pelargonium.گل رتن جوت، جيرنيم جو ٻوٽو جنهن جا گل خوشنما ٿين ٿا.

scarlet hat (اسڪارليٽ هيٽ) **n** a cardinals red hat.پادريءَ جي ڳاڙهي رنگ جي ٽوپي.

scarlet letter (اسڪارليٽ ليٽر) **n** a scarlet-coloured letter worn by women convicted of adultery in the Puritan communities of New England.انگلنڊ جي مسيحي فرقي جي زنا جي مجرم عورت کي ڳهري ڳاڙهي رنگ جو حرف الف لڳل لباس.

scarlet pimpernel (سڪارليٽ پمپر نيل) **n** a flowering plant of the primrose family, with small red, white or purple flowers that close when the weather is cloudy. ڳاڙهن گلن وارو ٻوٽو.

scarlet runner (اسڪارليٽ رنر) **n** a scarlet-flowered climber of the kidney-beans genus, with edible beans. ڪاڇرو راهين واري جنس جي ول، واڱڻائي گلن واري ڦريءَ جي ول.

scarlet woman (اسڪارليٽ وومن) **n** the woman referred to in the Bible variously taken as pagan Rome, a whore..انجيل ۾ بت پرست عورت، رنڊي، ڇڪلاڻ، بد اخلاق، پتيل.

scarp[1] (اسڪارپ) **n** a diminutive of the bend-sinister, half its width. اڃانڪ جهڪڻ، اوچتو موڙ، ڪوهي شاخ.

scarp[2] (اسڪارپ) **n, vt.** the interior slope of a ditch; an escarp; an escarpment; to cut down like a scarp.سڌي بيهڪ، اُڀي ڪنڌ، سڌو اڀو، عمودي، ڪرڙو، ڪاهي جي اندروني عمودي لاهي

scarper (اسڪارپر) **vi.** to run away, escape, leave without notice.نڪري وڃڻ، فرار ٿيڻ، کسڪي وڃڻ، لڪي ڇپي وڃڻ.

scarpines (اسڪارپائينس) **n pl.** an instrument of torture for the feet. پيرن کي اذيت ڏيڻ وارو اوزار.

scarpetto (اسڪارپيٽو) **n** a hemp-soled shoe or climbing boot. سڻيءَ جي تري وارو بوٽ، چاڙهيون چڙهڻ وارن جو نرم تري وارو بوٽ.

scart (اسڪارٽ) **vt., n** to scratch; to scrape; a scratch or scrape; a dash or stroke of a pen.. ڪرچڻ، چلهڻ، ڪرڙڻ، رهڙڻ، ڪسائڻ، ليڪون پائڻ، پين سان ليڪ ڪڍڻ، ليڪ ڏيڻ.

scary (اسڪيري) **adj** causing fright or alarm; easily frightened; timorous. ڊيڄاريندڙ، دهشت وجهندڙ، جلدي ڊڄي ويندڙ، ڊڄڻو، ڊاهڻ، نهڻو، ڪمزور، بزدل.

scat[1] or **scatt** (اسڪيٽ) **n** tribute; a tax, esp Udaller's land-tax, in Orkney and Shetland, paid to the crown. هديه، نذر، خراج، ڀاڄ، محصول، ڍل، عشر.

scat[2] (اسڪيٽ) **interj. & vt, vi.** (used orig and esp to animals) be off! to scare away; to go away quickly. پري ڪرڻ، ڀڄائڻ، پري ٿيڻ، جانورن کي ڊوڙائڻ.

scat[3] or **skatt** (اسڪيٽ) **n.** a blow; a throw or break; a spell; a sudden rain shower; in collapse; to bankruptcy.. ڌڪ، ٿڪ ٺيلهو، ڌڪو، اچانڪ برسات پوڻ، ڏيوالو ٿيڻ، ڌڪ، ڀڄڻ، ڪرڻ، حملو، دؤرو، ڪري پوڻ، ڪنهن شيءِ جو زمين بوس ٿيڻ، محرومي.

scat[4] or **skat** (اسڪيٽ) **n** an animal dropping.. لڌ، ليڏي، ڦونڪٽي، ڇيڻو، ليڏولو، ڦولهڙي، وٺ.

scat[5] (اسڪيٽ) **n** the use of nonsense syllables and other wordless effects in singing; to sing in this way.. غلط لفظ استعمال ڪرڻ، نہ سمجهڻ ۾ ايندڙ لفظ، گنگنائڻ، بنا لفظ اچارڻ جي ڳائڻ.

scatch (اسڪيچ) **n** a stilt. پيرن ٽيڪڻو، صندلي، پيردان.

scathe, scaith, skaith or **scath** (اسڪيٿ) **n, vt.** damage; injury; to injure; to blast; to scorch with invective; injury, harm.. نقصان، زخم، زيان، لوڙو، هاڃ، تاوڻ، هرجو، چوٽ، ايذاءُ، ضرر، نقصان پهچائڻ، نقصانڪار، اذيت، صدمو، ضرر، زيان، بگاڙڻ، زخمي ڪرڻ، گاريون ڏيڻ.

scatheful (اسڪيٿفل) **adj.** harmful. نقصانڪار، هاڃيڪار.

scatology (اسڪيٽولاجي) **n** the scientific study of excrement, as in diagnosis by study of the faeces, or classification or identification of fossils by study of their fossilized excrement; obscene literature; interest in or pre-occupation with the obscene.. لڌ، گوبر، ڇيڻي جي باري ۾ سائنسي معلومات، علم فاضل پند پهڻ، جانورن جي پند پاهڻ ٿيل ڇيڻي جو اڀياس، ڪوڪ شاستر، اگهاڙو ادب، اگهاڙپ ڏانهن رغبت.

scatophagous (اسڪيٽوفيگس) **adj** dung-eating. ڇيڻا کائڻ وارو (ڪيڙو).

scatophagy (اسڪيٽو فيگي) **n** the practice of feeding on dung. ڇيڻي کائڻ جو هيراڪ، ڇيڻي تي پلجندڙ، ڇيڻي خوراڪي (جيوت)، گند خوري.

scatter (اسڪيٽر) **vt, vi, n.** to disperse; to spread; to strew; to disunite; to throw loosely about; to sprinkle; to dispel; to reflect or disperse irregularly (waves or particles); to fire shot loosely; a scattering; a sprinkling; dispersion; the extent of scattering.. پکيڙڻ، ڇٽڻ، هارڻ، ڇٽارڻ، ڪنڊڙڻ، پکيڙ وکيڙڻ، ويڙهڻ، (لوڻ) برڪڻ، لڙڻ، وڃڻ، منتشر ڪرڻ، ڦهلائڻ، ڪنڊيڙڻ، ڪنڊائڻ، ڇڙڪائڻ، لڙڻ پکڙڻ، ڇانارڻ، ڇڙو ڇڙڪرڻ، آبورڻ، وترڻ، ڪٺو ڪٺو ٿيڻ.

scatterbrain (اسڪيٽر برين) **adj** thoughtless person; one incapable of sustained attention or thought. آلودو، توالي، منتشر دماغ، سوداني، مستانو، چسو.

scattered (اسڪيٽرڊ) **adj** thinly spread; dispersed irregularly, widely, in all directions, or here and there; thrown about; casually dropped; (of one's thoughts) distracted. ڇڙ واهه وڪر، سنهي تهہ وانگر پکڙيل، ڇڙ وڇڙ، تتر وتر، ڪٺو ڪٺو، ڦهلايل، ڇٽيل، ڪنڊڙيل، هاريل، منتشر ٿيل، اسٽ وسٽ، توالي، ويڇاتا (ڳوٺ يا آبادي).

scattergood (اسڪيٽر گڊ) **n** a spendthrift.. فضول خرچ ماڻهو، اجايو خرچ ڪندڙ، اڏائو، وڃائو، پائو، ڇٽو، هٿ ڦاڙ.

scattergun (اسڪيٽر گن) **n** a shotgun. بندوق.

scattering (اسڪيٽرنگ) **n.** dispersion; that which is scattered; a small proportion occurring sporadically; the deflection of the path of subatomic particles as a result of collisions with other particles or atoms; the deflection of light by the fine particles of solid, liquid or gaseous matter, from the main direction of the beam; the deflection of radiation resulting from interactions between the photons radiated and the nuclei or electrons in the material through which the radiation is passing, or with another radiation field.. پکيڙڻ، ڦهلائڻ، منتشر ڪرڻ، ڦهلاءُ، پکيڙ، ڦهلاءُ ڪاري، ڪٿو ڪٿي ڪان ڏار، ڪٿي ڪٿي، ڦهليل يا ويڇاتي آبادي، ٽڪراءُ واري حالت ۾، منتشر ٿيڻ واري حالت، سخت شيءِ تي لڳڻ ڪاڻيوءَ ترورن جو ڦهلاءُ، مخالف رخ طرف ڦهلاءُ، جوهري قوت جو ڦهلاءُ، روشنيءَ جي پکيڙ.

scattering matrix (اسڪيٽرنگ ميٽرڪس) **n** a matrix in which particles that result from high-energy collisions are made to scatter in various directions. سانچو يا قالب جنهن ۾ جوهري مادن جي ٽڪراءُ ۽ ڦهلاءُ جو عمل ڪيو وڃي.

scattermouch (اسڪيٽر مائوچ) **n** any Latin or Levantine person. لاطيني باشندو، اطالوي باشندو.

scatting (اسڪيٽنگ) **pr p.** pebble-dashing. مينڪ جي شيشي جو چمڪڻ. سنگ سليماني پٿر جي جوت. پٿر چنڻ.

scatty (اسڪيٽي) **adj.** slightly crazy and unpredictable in conduct. چريائ. سودائي. توائي. غير اعتباري. منتشر دماغ.

scaturient (اسڪيٽيوريئنٽ) **adj** flowing out; gushing. ابرڻ. زور سان ڦٽڻ. ڦوهاري وانگر وهڻ. جوش سان تقرير ڪرڻ. زور سان ٻاهر وهي هلندڙ.

scaup (اسڪپ) **n** a bed of shell fish; any of various diving ducks of the genus aythya that feeds on molluscs and crustaceans, the male of which has a black, pale grey and white plumage.. سپن وارو هنڌ. مختلف قسمن جون بدڪن جون جنسون (جيڪي ساموڊي جيوت تي گذران ڪن ٿيون)، روئهارو بدڪ جنس پکي.

scauper or scorper (اسڪپر) **n** a gouging chisel with a semicircular face, used by engravers and wood-carvers. چيٺيءَ نما هڪ قسم جو اوزار. سنهي چيٺي. تيشي.

scaury (اسڪاري) **n** a young gull. گل يا ڪينو پکي. ساموڊي آبي ٻچڙ پکي.

scavage (اسڪاويج) **n** street refuse.. گهٽين جو گند ڪچرو. رستن تي پيل ڪچرو.

scavager (اسڪاويجر) **n** an officer who is charged with keeping the streets clean. اهو ملازم جنهن کي گهٽين صاف ڪرڻ جي ذميواري سونپيل هجي. ڀنگين جو جمعدار. سينيٽري انسپيڪٽر. ٻالو. ڀنگي. ٻاليشاهي.

scavenge (اسڪيونج) **vt. & vi.** to cleanse; to remove impurities from a substance; to act as scavenger; to search for useful items among refuse; the sweeping out of waste gases from an internal-combustion engine. گهٽيون ٻهارڻ. جهاڙو ڏيڻ. غلاظت صاف ڪرڻ. گند ٻهارڻ. صفائيءَ جو ڪم ڪندڙ. انجڻ جو بيڪار گئسن کي ٻاهر ڪڍڻ جو نظام. گند ڪچري مان ڪم واريون شيون چونڊڻ.

scavenge pump (اسڪيونج پمپ) **n** in certain internal-combustion engines, an oil pump that returns used oil from the crank case to the oil tank. موٽر گاڏين جي انجڻ جو هڪ قسم جيڪو فالتو تيل واپس (ٽانڪيءَ ۾) موڪلي.

scavenger (اسڪيونجر) **n & vi.** one who searches for and gathers discarded items from garbage bins; a person who cleans the streets; a person or apparatus that removes waste; an animal that feeds on garbage or carrion; someone who deals or delights in filth; to act as scavenger.. ڀنگي. ٻالو. ٻاليشاهي. چهڙو. گوئهن خور (پکي). جمعدار. مهتر. ٻهاريءَ وارو. خاڪروب. فحش نگار. تباهي آڻيندڙ. مردهه خور. گند ڪچري جو واپار ڪندڙ.

scawtite (اسڪاٽائيٽ) **n** a carbonate or silicate of calcium, occurring naturally as small colourless crystals. معدني مادو. بنا رنگ بلوري مادو.

scazon (اسڪازون) **n** a choliamb. موسيقيءَ جي وچٽ جوهڪ طريقو.

scelerate (اسڪيليريٽ) **adj & n.** wicked; a villain برو. پاپي. بي دين. شرير. فاسد. ظالم. بي حيا. بدمعاش. حرامزادو. هچارو.

scena (سينا) **n** an operatic scene; an elaborate dramatic recitative followed by an aria. (Ital). ڊرامي يا ناٽڪ جو هڪ نظارو. ڊرامي جو گهڻو وقت جٽاءُ ڪندڙ نظارو.

scenario (سناريو) **n** an outline of the plot of a play, film, scene by scene; an outline of future development, or of a plan to be followed, which shows the operation of causes and where points of decision or difficulty occur; loosely, any imagined, suggested or projected sequence of events, plan of action, situation. ڊرامي يا فلم جو. ڊرامي يا فلم جي عبارت. خلاصو. نظاري لاءِ نظارو. مستقبل بابت تيار ڪيل هڪ منصوبو. هڪ خيالي طور تيار ڪيل معاملو جنهن ۾ هر قسم جي صورتحال کي منهن ڏيڻ بابت تياري ڪيل هجي ۽ ڏکين حالتن جي نشاندهي ڪيل هجي.

scenarize (ise) (سنرائيز) **vt** to make a scenario of. ناٽڪ جو سين ناهڻ.

scenary (سيناري) **n** disposition of scenes; scenery (Ital). منظر. نظارو. ڇهڇٽو. ڏيکاءُ. تصوير.

scene (سين) **n** the stage; a stage performance; the place of action in a play; a distinct part of a play; a painted slide, hanging, or other object, used for this purpose; a curtain, veil, or screen; a division of a play marked off by the fall of the curtain, by a change of place or by the entry or exit of any important character; an episode; a dramatic or stagy incident, esp an uncomfortable, untimely or unseemly display of hot feelings; a landscape, picture of a place or action; a view or spectacle; the activity, publicity; a situation, state of affairs; to set in a scene.. سرزمين. ڇهڇٽو. ڏيک. ڳالهوڙو. پردو. تماشگاهه. ناٽڪ گهر. نظارو. ڏيک. نمائش. تصوير مصوري. منظر. ماجرا. ڏيکاءُ حصو. سانحو. مڪالمو. سين. نمائش گاهه. ٿيٽر. واردات جي جاءِ. اتفاقي ماجرا. ڳالهه ۾ ڳالهه. اوچتو پنهنجي جذبات جو اظهار ڪرڻ. ڪاوڙ ڪرڻ. ناپسنديدگي ظاهر ڪرڻ. نظاريدار مصوري. عڪسي تصوير. عمل. مشهوري. اشتهار. حالت.

scene a faire (سين اي فيئر) **n** the climactic scene in a play or opera (Fr). ناٽڪ ۾ آبهوا مطابق نظارو.

scene dock or bay (سين ڊاڪ آر بي) **n** the space where

scenery is stored. اها جڳهه جتي منظر جمع ڪيا وڃن.

sceneman (سين مين) **n** a scene-shifter. منظر منتقل ڪندڙ.

scene painter (سين پينٽر) **n** a person who paints scenery for theatres. اهو ماڻهو جيڪو ڪنهن ناٽڪ گهر لاءِ منظر ڪشي ڪري، تصويري بورڊ يا پردا ناهيندڙ.

scenery (سينري) **n** the painted representations on the stage; pictorial features; dramatic action; theatrical slides, hangings, collectively; views of beautiful, picturesque or impressive country. منظر، نظارو، ڏيساڏور، نماءُ، ڇهڇٽو، ڏيک، تماشو، ڏيکاءُ، ناٽڪ جا پردا، فضا، سمان، طبعي صورت، واردات جي جاءِ، سرزمين، ناٽڪي عمل.

scene shifter (سين شفٽر) **n** a person who sets and removes the scenery in a theatre. ناٽڪ لاءِ منظر منتقل ڪرڻ يا مٽائڻ وارو ماڻهو.

scenic (سينڪ) **adj** pertaining to scenery or stage; having beautiful or remarkable scenery; relating to the stage or stage scenery; dramatic, theatrical; (of painting, sculpture) representing a scene or incident, of historical action. ناٽڪ جو، دلڪش، مصنوعي، تمثيلي گو، نمائشي، خوبصورت منظر، ناٽڪ گهر جو يا ان بابت، ڊرامي يا ناٽڪ وارو، ٿيٽر وارو، نظاريدار تصوير يا مصوري، تاريخي نظاري تي ٻيهاريل مصوري.

scenic railway (سينڪ ريلوي) **n** a miniature railway running through artificial representations of picturesque scenery; a roller-coaster, eg in an amusement park. ميلن وغيره ۾ ننڍي ريل گاڏي جيڪا دلڪش نظارن وٽان لنگهي، تماشگاهه جي سير واري ننڍي ريل.

scenic reserve (سينڪ رزرو) **n** an area of picturesque scenery protected against development and accessible to the public for recreational purposes. ماڻهن جي تفريح لاءِ تصويري منظر نگاري ڪرڻ، سهڻن منظرن وارو علائقو جيڪو سير ڪرڻ وارن لاءِ خاص طور تيار ڪيو ويو هجي، سياحت واري سٺي جاءِ.

scenography (سينوگرفي) **n** perspective drawing; scene-painting. منظر نگاري، منظر ڪشي.

scent (سينٽ) **vt, vi. & n.** discern by scent; to track or find by smell, or as if by smell; to perfume; to give forth a smell; to sniff; to smell; odour; sense of smell; a substance used for the sake of its smell, perfume; the smell left by an animal, by which it may be hunted; paper strewn by the pursued in the game of hare and hounds. عطر، خوشبو، مهڪ، سڳند، سرهاڻ، باس، بوءِ، واسڻ، ڌپ، سنگهڻ، ڪوچ لڳائڻ، نوسڻ، عطر مکڻ، تاڙي وٺڻ، پير کڻڻ، بوءِ رستي پيڇو ڪرڻ.

scent bag (سينٽ بيگ) **n** a scent gland; a sachet; a bag of strong-smelling stuff dragged over the ground for a drag hunt. عطر جي شيشي، عطر جي ٿيلهي يا ٻڙي، زمين تي گهليل سامان پريل ڳوٿري (پير کڻڻ لاءِ بوءِ ۽ نشان ڇڏڻ خاطر جاني ٻجهي ڪيل بندوبست).

scent bottle (سينٽ باٽل) **n** a small bottle for holding perfume. عطر داني، عطر جي شيشي.

cented (سينٽڊ) **adj** having a smell, fragrant; impregnated or sprinkled with perfume; endowed with a sense of smell. معطر، خوشبودار، خوشبوءِ کي سڃاڻيندڙ، مشڪ دار، سڳنڌي، حقيقت شناس.

scent gland (سينٽ گلينڊ) **n** a gland in some animals that secretes a substance of distinctive smell, for recognition, attraction, or defence. مشڪ غدود، عطري غدود، خوشبو يا بوءِ خارج ڪندڙ جسماني غدود، مختلف جانورن جو خوشبو خارج ڪرڻ جو سرشتو.

scentless (سينٽليس) **adj.** having no scent; inodorous; destitute of smell. بنا خوشبو يا بوءِ جي، بنا ڌپ جي، بنا مهڪ يا سڳنڌ جي، بي بوءِ، بنا ڪنهن هوَ يا هواڙ جي.

scent organ (سينٽ آرگن) **n** a scent gland; a smelling organ. خوشبوءِ جو عضوو، مشڪ عضوو، مشڪ غدود.

scent scale (سينٽ اسڪيل) **n** on male butterflies' wings a scale that gives off a scent. نر پوپٽ جي پرن جا حصا جيڪي خوشبو ڏيندا آهن. مشڪ چلر، مشڪ چلڪا.

scepsis or skepsis (سيپسز) **n** philosophic doubt. دليل طلبي، سنس ناسٽڪ واد، فلسفياڻو شڪ.

sceptic or skeptic (اسڪيپٽڪ) **adj** pertaining to the philosophical school of Pyrrho and his successors, who asserted nothing positively and doubted the possibility of knowledge; sceptical; one who doubts prevailing doctrines esp in religion; one who tends to disbelieve; a sceptic philosopher or adherent of the sceptic school. شڪي، وهمي، منڪر، ڪافر، ناسٽڪ، سنس وادي، دليل طلبي، مذهب تي شڪ ڪرڻ، زنديق، هر ڳالهه کي شڪي سمجهڻ وارن فلسفين جو هڪ گروهه ۽ انهن جا پوئلڳ، شڪ ڪندڙ، هر ڳالهه کي شڪ جي نظر سان ڏسندڙ، اعتبار نه ڪندڙ، هر ڳالهه ۾ شڪ ڪندڙ.

sceptical or skeptical (اسڪيپٽيڪل) **adj** of or inclined to scepticism; doubting; doubtful or inclined towards incredulity. الهام ۾ شڪ آڻيندڙ، شڪي، ريبي، شڪي مزاج.

scepticism or skepticism (اسڪيپٽزم) **n** doubt; incredulity; the doctrine that no facts can be certainly known; agnosticism; sceptical attitude towards Christianity; general disposition to doubt. بي اعتقادي، ناستڪي، سنس واد، ارتيابيت، وهم، پرور، ڪفر، عيسائيت کي

شڪلي لظرن سان ڏسندڙ.

sceptre or scepter (سيپٽر) **n** a staff or baton carried as an emblem of monarchic authority; hence, monarchic authority itself. عَصا، شاهي چوب، بادشاهي لٺ، بادشاهي حڪومت، شاهي عصا.

sceptered (سيپٽرڊ) **adj** bearing a sceptre; having royal power; regal. عصادار، نشان خسروي وارو.

sceptry (سيپٽري) **adj.** sceptred. عصادار، نشان خسروي وارو.

scerne (سَرن) **vt** to discern. معلوم ڪرڻ، فرق ڪرڻ، تميز ڪرڻ، شناخت ڪرڻ.

sceuophylacium (اسڪوئفاليسيم) **n** a sacristy. گرجا گهر ۾ متبرڪ شيون رکڻ جو ڪمرو.

sceuophylax (اسڪوئفلڪس) **n** a sacristan. محافظ، گرجا ۾ رهڻ وارو گورڪن، مهتمم نوادرات.

schadenfreude (شاڊينفرائڊا) **n** malicious pleasure in the misfortunes of others (Ger). ٻين جي بد نصيبيءَ تي خوش ٿيندڙ، خبيث، ڪينابرور، بدنيت.

Schafer's method (شيفرز ميٿڊ) **n** a method of artificial respiration in which pressure is exerted on the prone patient's lower back at intervals of several seconds. ساهه کڻائڻ جو مترادو طريقو، پٺيءَ جي هيٺين حصي تي زور ڏئي ساهه کڻائڻ.

schanse, schanze or schantze (شينسي، شنٽسا) **n** a heap of stones used as a protection against rifle fire. پٿرن جو ڍير (جيڪو چٽڻ واري گوليءَ کي پٺي طرف وڃڻ کان روڪڻ لاءِ ٺاهجي)، نشانه بازيءَ جي ميدان جون پٿريلون بچاءُ دار بيهڪون.

schappe (اسڪاپ) **n, vt.** a fabric of waste silk with gum, partly removed by fermentation; to subject to this process. خام ريشم، ريشم جنهن مان لعاب نه نڪتل هجي، خام ريشم مان ٺاهيل ڪپڙو.

schechita, shechita, shehita or -tah (شِشيتا) **n** the slaughtering of animals in accordance with rabbinical law (Heb). جانورن جو ڪوس، يهودين وارو ڪٺل جانور.

schedule (شيڊيول، سڪيڊيول، اسڪيڊيول، اسڪيجول) **n, vt.** a slip or scroll with writing; a list; inventory, or table; a supplementary, explanatory, or appended document; an appendix to a bill or act of parliament; a form for filling in particulars, or such a form filled in; a timetable, plan, programme, or scheme; to make a schedule or place or enter in a schedule; to plan, appoint, arrange. تذڪرو، فرد، ياداشت، فهرست، نقشو، ضميمو، گوشوارو، رٿا، نرخنامو، جدول، درج ڪرڻ، فهرست ۾ لکڻ، ملاقاتين جو ڪتاب، ترتيب وار بيهارڻ، ضروري تفصيل وارو ڪاغذ، پارليامان مان پاس ڪيل قانون سان لاڳو تفصيل يا ضميمو.

scheduled (شيڊيولڊ) **adj** entered in a schedule; planned, appointed, arranged (to happen at a specified time); (of a building) entered in a list of buildings to be preserved for historic or architectural reasons. فهرست ۾ شامل، پهرياڻين رٿيل، اڳواٽ مقرر ڪيل، گوشوارو، فهرستي، (عمارت) فهرست ۾ درج.

scheduled castes (شيڊيولڊ ڪاسٽس) **n** (in India) the former untouchables. هندستان ۾ اڇوت قوم، گهٽ ذات، نيچ جاتي، آدي واسي.

scheduled territories (شيڊيولڊ ٽيريٽريز) **n** sterling area. خالص، کرو، اصلي جوهر دار، دنيا جا پائونڊ (سڪي) تي مدار رکندڙ علائقا.

scheduled tribes (شيڊيولڊ ٽرائيز) **n** (in India) aboriginal tribes officially given some protection and privileges. هندستان ۾ ڪجهه اصلوڪيون قومون جن کي خاص سهولتون مليل آهن.

Scheele's green (شيلز گرين) **n** a poisonous yellowish-green pigment, copper hydrogen arsenite, formerly used in wallpapers. زهريلو پيلاڻ مائل سائو روغن جيڪو ديواري ڪاغذ ۾ استعمال ڪيو ويندو هو.

scheelite (شيلائيٽ) **n** a greenish or brownish mineral, calcium tungstate, crystallizing in the tetragonal system, an important source of tungsten. ٽنگسٽن جو ڪچو ڌاتو (پيهڪندڙ معدن).

schefflera (شفليرا) **n** any of various evergreen tropical or subtropical shrubs of the family, auraliceae, having large compound leaves and clusters of small flowers followed by berries. گرم علائقن جا گهاٽن پنن ۽ ننڍن گلن ۽ ٻيرن وارا مختلف ٻوٽا.

schema (اسڪيما) **n** a scheme, plan; a diagrammatic outline or synopsis; a mental picture of a thing in imagination, which the mind uses to help perceive or understand it more clearly; a kind of standard or principle which the mind forms from past experiences, and by which the mind forms from past experience, and by which new experiences can be evaluated to a certain extent. تجويز، رٿ، منصوبو، سازش، نقشو، خاڪو، شڪل، تصور، ترڪيب، منطقي قياس، دماغ ۾ موجود تصويري خاڪو، پوئين تجربن کي دماغ ۾ رکي تيار ڪيل نئون تصور.

schematical (اسڪيميٽيڪل) **adj** following or involving, a particular plan or arrangement; representing

something by a diagram, plan, etc.باقاعده، فرقہ بندي، متعلق، تصوري، قياسي، خيالي نقشي ڪشي، منصوبي مطابق.

schematism (اسڪيميٽزم) n form or outline of a thing; arrangement, disposition in a scheme.شڪل، شبيهہ يا فرقہ بندي، (ڪنهن شيء جي)، فهرست، سلسلو، بيهڪ.

schematize (-se) (اسڪيميٽائيز) vt to reduce to or represent by a scheme.تجويز مطابق تيار ڪرڻ يا ظاهر ڪرڻ، بيان ڪرڻ، منصوبي مطابق بيهارڻ يا ٺاهڻ.

scheme (اسڪيم) n, vt, vi. a system; project; a systematic plan of action for achieving an end; a plan for building operations of various kinds, or the buildings, constructed or the area covered; a plan pursued secretly, insidiously, by intrigue, or for private ends; a project; a programme of action; a diagram of positions, esp of planets; a table; a system; a rhetorical figure; an escapade; to plan; to reduce to a system; to lay schemes for; to form a plan; to plot or intrigue; to indulge in an escapade..تدبير، ٺاهه، تجويز، رٿ، منصوبو، تجويز ڪرڻ، سٽڻ، رٿڻ، سازش، چال نقشو، حڪمت، فطرت، لکل طريقي سان عمل ڪرڻ، گرهن جو نقشو، چارٽ، يا داشت، سلسلي يا سرشتي مطابق بيهارڻ، منصوبي ۾ شامل ٿيڻ، منصوبو ٺاهڻ، سٽون سٽڻ، منصوبي مطابق آڻڻ يا گهربل صورت ڏيڻ، منصوبي طور پيش ڪرڻ، سازش سٽڻ، پچڻ ۾ شامل ٿيڻ، پچڻ لاء رٿ ڪرڻ.

schemer (اسڪيمر) n a contriver; plotter. سازشي، منصوبائي، فطرتي، تيتالي، ٺڳائي، حرڪتي، حرفتي، منصوبي ساز.

scheming(اسڪيمنگ) n & adj. intriguing..حرفت باز، ڄوباز، انڪلي، منصوبا ٺاهيندڙ.

scherzo (اسڪرٽسو، شيرازو) n (music) a lively busy movement in triple time, with a trio, the place of the minuet in a sonata or a symphony.نازڪ خرامي، رقص جي تيز حرڪت.

Scheuermann's disease (شوئيرمينز ڊزيز) n a form of osteochondritis of the vertebrae affecting children and adolescents.ڪنڌي جي هڏي جي سوڄ جي بيماري، ڪرنگهي هڏي سوڄ.

Schick (or schick's) test (شڪ (شڪس) ٽيسٽ) n a test for susceptibility to diphtheria, made by injecting the skin with a measured amount of diphtheria toxin. خناق جي ٿيڻ يا موجودگيء جي دوا وسيلي چڪاس.

Schiff's base (شفس بيس) n a benzylidene aniline. ڪيميائي مادو.

Schiff's reagent (شفس ريگينٽ) n a reagent for testing the presence of aldehydes.سازيندڙ ۽ جلدي ٻرندڙ مادي جي موجودگيء جي چڪاس ڪرڻ وارو مادو.

schiller (شلر) n a peculiar bronze-like lustre in certain minerals, such as hypersthene, due to diffraction caused by minute plates of haematite, developed in separation planes.ڪنهن معدني ڌاتوء جي مٿاڇري تي ڪنجهي يا ڪاسيء جهڙي چمڪ جي موجودگي، ٻَر جي تاب (گرمي).

schillerization (شلرائيزيشن) n the development of minute plates of haematite. ٻَر جي تابڪاري.

schillerize (شلرائيز) vt to impart a schiller to.ٻَر جي تابڪاري ڏيڻ، مادي جي مٿاڇري کي ڪنجهي واري بيهڪ ڏيڻ

schilling (شلنگ) n the Austrian standard monetary unit (100 groschen) (Ger).آسٽريليا جو وڏو سرڪاري سڪو. شلنگ.

Schilling test (شلنگ ٽيسٽ) n a test to assess capacity to absorb vitamin B-12 from the bowel, used in the diagnosis of pernicious anaemia.وٽامن بي ١٢ کي جذب ڪرڻ جي قوت جي موجودگيء جي چڪاس.

schimmel (اسڪمبل) n a roan horse (Ger).چٽڪمرو، گهوڙو، ابلق.

schindylesis (اسڪينڊيلسز) n an articulation formed by the fitting of the crest of the bone into a groove in another. هڏن جو ڪَپيء يا ڏڏ جهڙو جوڙ يا سند.

schipperke (اسڪپرڪ) n a small black tailless breed of dogs, used as watchdogs on Dutch barges (Fu). بغير پڇ جي ننڍڙي قد وارن ڪتن جو نسل.

schism (شزم) n. a separation; a breach, esp in the unity of a church; promotion of such a breach; a body so formed..ڦيٽارو، ڏڦيڙ، ڦوٽ، رفض، مذهبي ڦوٽ، تفرقو، بگاڙ، مذهبي اختلاف، جُدائي.

schisma (شزما) n half the difference between twelve perfect fifths and seven octaves.موسيقيء جي وڇت جو حساب.

schismatic[1] (شزميٽڪ) adj one who favours a schism or belongs to a schismatic body.فرقي بنديء وارو، تفرقہ الداز، بدعتي، معتزلو، رافضي، فرق الداز، ڪنهن فرقي جو ڪارڪن.

schismatic[2] or **schismatical** (شزميٽڪ) n tending to, favouring or of the nature of, a schism.رافضي، تفرقہ الداز، اختلافي، اعتزالي، فرقہ بنديء متعلق، فرقہ الداز.

schist (شسٽ) n a rock of a slaty structure; any crystalline foliated metamorphic rock not coarse and feldspathic enough to be called gneiss, such as mica-schist, hornblende-schist; sometimes extended to shaly rocks.ورق دار پٿر، (سنگ سيلو)، تهہ پهاڙي، تهدار، طبق جي بيهڪ واري ٽڪري، ابرقي پهاڙ، برقي ٽڪر.

Schistosoma (شستوسوما) n a genus of blood flukes, some species of which are parasites of man. هڪ تراڪڙو ڪيڙو جيڪو انسان جو طفيلي جيت آهي، جونءِ، جٽي، جونءِ جهڙو طفيلي جيت.

schistosome (شستوسوم) n a member of the genus of such parasites. جونءِ جي جنس جو جيت، انسان جو طفيلي تراڪڙو جيت.

schitosomiasis (شستوسومياسس) n a disease caused by infestation by schistosomes (also called bilharziosis). ڦاٽڻ، ٽڙڻ، ٽڪر ٽڪر ٿيڻ، چيرجڻ، ورهائجڻ.

schiz- or schizo- (اسڪزس، اسڪتسو، اسڪدزو، اسڪائزو، شيز، شيزو) combining form : denoting - cloven, a split or division. ڦاٽڻ، ٽڙڻ، ٽڪر ٽڪر ٿيڻ، چيرجڻ، ورهائجڻ.

Schizaea (اسڪتسوزيا) n a tropical genus of ferns giving name to the family, schizaeaceae, with sporangia splitting longitudinally by an apical annulus. فرن ٻوٽن جون جنسون، گرم علائقن جا فرن ٻوٽا.

schizanthus (اسڪتسوانٿس) n a Chilean flowering plant of the genus, frequently cultivated for its showy orchid-like blooms. گل چيس، گل ڦات، پويت گل (ٻوٽو)، سهڻن گلن وارو ٻوٽو، ثعلب مصريءَ جهڙي گل جهڙو گل ڏيندڙ ٻوٽو.

schizo (اسڪتسو) **n & adj.** a schizophrenic. چريو، دماغي مريض، پاڳل، نفسياتي مريض.

schizo-affective (اسڪتسو افيڪٽو) **adj** marked by symptoms of schizophrenia and manic-depressiveness. نفسياتي مريض وارين نشانين وارو ماٺهو. ماليخوليا ورتل ماڻهو، سودائي، پريشان، منجهيل.

schizocarp (اسڪتسو ڪارپ) **n** a dry fruit that splits into several indehiscent one-seeded portions. ڦاٽندڙ ميوو، ورچندڙ ميوو، ميوي حصو، گل پاڳو، اهڙو ڦل جيڪو پچي راس ٿيڻ بعد خشڪ ٿيڻ تي ڦاٽي کنڊڙجي وڃي.

schizogenesis (اسڪتسو جينيسس) **n** asexual reproduction by fission. ڀاڱي توليد، چيرواري پيدائش.

schizogenic or schizogenetic (اسڪتسو جينڪ يا جينيٽڪ) **adj** reproducing, reproduced, or formed by fission or splitting. وري پيدا ٿيندڙ، پنهنجي سان ڳنڍجي يا جدا ٿي واڌ ڪندڙ.

schizogony (اسڪتسوگوني) **n** reproduction in protozoans by multiple fission. ڀاڱي توليد.

schizognathous (اسڪتسو جنائيوس) **adj** (of some birds) having the bones of the palate separate. ڀاڱي واري جاڙي، ڦوٽ واري جاڙي.

schizoid (اسڪتسوائيڊ) **adj. & n.** showing qualities of a schizophrenic personality, such as asocial behaviour, introversion, tendency to fantasy, but without definite mental disorder; a schizoid person. ڀاڱي نما، ٽڪر نما، چريائيءَ جا اهڃاڻ ڏيندڙ، چريو، سودائي، پاڳل.

schizomycete (اسڪتسومائيسيٽ) **n** any microscopic organism of the class schizomycetes, incl the bacteria. جنس جراثيم، ننڍا جراثيمي جسم، بئڪٽريائي جسم.

schizont (اسڪتسونٽ) **n** in protozoans, a mature trophozoite about to reproduce by schizogony. (بالغ) خودخوراڪي حيات، پاڻ مرادو توليدي حيات.

schizophrene (اسڪتسو يا شيزوفرين) **n** a person who suffers from schizophrenia. چريو، نفسياتي مريض، پاڳل، دماغي مريض.

schizophrenia (اسڪتسو يا شيزوفرينيا) **n** a psychosis marked by introversion, dissociation, inability to distinguish reality from unreality, delusions, etc. دوکو، مغالطو، ذهني بگاڙ، چريائپ، (بالغ) نفسياتي دماغ خلل.

schizophrenogenic (اسڪتسو يا شيزوفرينوجينڪ) **adj** causing or tending to cause schizophrenia. چريائپ آور، نفسياتي يا دماغي مرض جو ڪارڻ.

schizophyceous (اسڪتسو يا شيزوفائشس) **adj** pertaining to the schizophyceae a group of algae, bluish-green in colour, that grow in fresh or salt water, and can be responsible for the pollution of drinking-water. الجيءَ جي قسم جا مختلف ٻوٽا، مٺي يا نمڪين پاڻيءَ جا الجي يا ڪائي ٻوٽا.

schizophyte (اسڪتسو فائيٽ) **n** a plant of the group that multiply only by fission, incl bacteria and blue-green algae. ڀاڱي وارو ٻوٽو، ڦوٽ وارو ٻوٽو، الجي ۽ بيڪٽيريائي قسم جا جيو يا جيوڙا.

schizopod (اسڪتسو پاڊ) **n** a shrimp-like crustacean of the former order, having each leg divided into exopodite and endopodite. گانگٽ يا جهينگي جهڙا جيت جن کي شاخي جنگهون آهن، ٽڪر دار پير (جانور).

schizothymia (اسڪتسو ٿائميا) **n** manifestation of schizoid traits within normal limits. ٽڪردار طبع، ڀاڱي مزاج، گهڙيءَ تولو گهڙيءَ ماسو، بدلجندڙ طبع وارو، چريائپ جو ڏيک ڏيندڙ.

schlager (شليگر) **n** the sword used by students in some German universities where the duelling tradition has been preserved (Ger). جرمنيءَ جي يونيورسٽين ۾ تلوار بازيءَ جي مقابلي لاءِ تلوارون.

schlemiel, schlemihl or shlemiel (شليميل) **n** a clumsy

person, a pitiful bungler, fool (Yiddish)..بي ڍنگو. اناڙي، ڦوهڙ، بي سليقو.

schlemm's canal (اسچليمز ڪئنال) **n** a channel at the junction of the cornea and the sclera in the eye, through which aqueous humour drains.اکين ۾ پاڻي مهيا ڪرڻ واري نالي، ڳوڙها آور نالي.

schlep, schlepp or **shlep** (شليپ) **vt & n.** to carry or pull with effort; to drag; a clumsy, stupid, incompetent person; a person of no importance..ڇڪڻ، گهلڻ. گهلجي هلڻ. ڪنهن ڳالهه کي روڪڻ لاءِ رڪاوٽ ڏيڻ، گفتگوءَ ۾ خواهه مخواهه ڊيگهه ڪرڻ.

schlepper or **shlepper** (شليپر) **n** an incompetent or nonentity..معدوم، بي حقيقت، ناقابل، نااهل، غير مجاز، معصوم، نا بالغ، اجايو.

schlic (شلڪ) **n** the finer portions of crushed ore, separated by water (Ger). ڪچي لوهه جو صاف حصو (جيڪو پاڻيءَ جي مدد سان ڌار ڪيو وڃي).

schlieren (شليرن) **n pl.** streaks of mineral of different colour, structure or composition in igneous rocks; visible streaks in a transparent fluid, caused by the differing refractive indices of fluid of varying density. معدني ڌاتن ۾ مختلف ڌاتن يا رنگن جي موجودگي.

schilieren photography (شليرن فوٽوگرافي) **n** the technique of photographing a flow or air or other gas, the variations in refractive index according to density being made apparent under a special type of illumination, often used in the testing of models in wind tunnels (Ger)..هوا يا گئس جي ناهيل تصوير. روشنيءَ رستي هوا يا گئس جي تصوير حاصل ڪرڻ.

schlimazel or **shlimazel** (اسڪليميزل) **n** a persistently unlucky person (Yiddish)..متواتر بد قسمت شخص، بد بخت، قسمت ٽُٽل، پنيل، دوزخي.

schlock or **shlock** (شلوڪ) **n, adj.** inferior goods; trash; of inferior quality; something of inferior quality, esp shoddy merchandise.نقلي، مصنوعي يا بناوتي. واپاري سامان، سادو، ڪنو، عام ۽ ساديون وڪري واريون شيون.

schloss (شلاس) **n** a castle, palace, manor house (Ger). قلعو، محل، علائقو جاگير، تعلقو، زمينداري رهائش.

schmaltz or **shmaltz** (شمالٽز) **n** mush; a production in music or other art that is very sentimental, or showy; sickly sentimentality.ملائم مغز، نرم مغز، جذباتي تاثرات، دردمند، قلبي.

schmaltzy or **shmaltzy** (شمالزي) **adj** old-fashioned, old-style, out-moded; sentimental (Yiddish)..قلبي. تاثراتي پراڻي زماني جو دقيانوسي، پراڻي فيشن جو، جذباتي.

schmeck or **shmek** (شمڪ) **n** a taste or sniff; heroin (Yiddish).حقارت ۾ نڪ کي موڙو ڏيڻ، سنگهڻ، سنگهڻ واري دوا، ناس يا هيروئن سنگهڻ.

schmelz (شميلس) **n** glass used in decorative work (Ger).اهو شيشو جيڪو آرائشي سامان طور ڪم اچي، آرائشي شيشو، شيشيڪاريءَ ۾ ڪم ايندڙ نڪر.

schmo, shmo or **shmoe** (شمو) **n** a stupid or a boring person, a fool. (Yiddish).ملاڪ. چريو ماٺهو، بيوقوف، ڪندڙ، نڪمو، بيڪار، بد دماغ، بي عقل، چسو.

schmooze or **shmooze** or **shmoose** (شمُوز) **vi & n.** to gossip, to chat in a friendly or intimate manner; such a chat, esp at a social gathering (Yiddish). بڪواسي، گپي، افواهه، بڪواس، گپ شپ، ڪچهري ڪرڻ، حال احوال اورڻ، خبر چار ڏيڻ وٺڻ، ولدر ڪرڻ.

schmuck or **shmuck, schmock** or **shmock** (شمڪ) **n** a pitiful, stupid or obnoxious person; a euphemism for penis (Yiddish). رحم جوڳو، قابل رحم، بي عقل، چسو، ڪم عقل، جاهل چٽ، بدبودار، ڪنو، گندو، واهيات، اڻ وڻندڙ، مرداني عضوي مهاندي.

schmutter (شموٽر) **n** glothing; rag (Yiddish)..چيٿڙا، اگڙيون، ليڙون ڦيل ڪپڙا.

schnapps or **schnaps** (شنيپس) **n** any of various strong alcoholic drinks, esp Holland gin (Ger). مختلف قسم جا تيز شراب، گهڻي نشي وارا شراب.

schnauzer (شائوزنسر) **n** a German breed of wire-haired terrier (Ger). جرمن نسل جو سخت وارن وارو ڪتو.

schnecken (شنيڪن) **n pl.** sweet bread rolls containing nuts and flavoured with cinnamon. (Ger).مٺي ڊبل روٽيءَ جا رول، ڦوٽي جي خوشبوءِ واري ماني.

schnell (شنيل) **adj & adv.** quick; quickly.جلد، جلدي، جلدي، تکڙو، هرڦر، تکڙ ۾، هر ڦر ۾، جلديءَ ۾.

schnitzel (شنتسل) **n** a veal cutlet (Ger).گوشت جي بوٽي يا نڪر، ڳائي گوشت جو ڪباب.

schnook (شنوڪ) **n** a pathetic, timid or unfortunate person (Yiddish).دل قابل رحم، حسرت انگيز، ڏک جهڙو، سوز، پردرد، درد انگيز، درد آميز، رقت آميز، جذباتي ماڻهو.

schnoor (شنور) **vi.** to beg, esp in such a way as to make the giver feel in some way beholden (Yiddish). خيرات گهرڻ، منٿ ڪرڻ، التجا ڪرڻ.

schnorrer (شنورر) **n** a beggar or scrounger; a layabout (Yiddish). فقير، بيڪاري، گدا، گداگر، پينو، پنندڙ.

schnozzle (شنازل) **n** nose (Yiddish).نڪ، سنگهڻ وارو عضوو.

scholar (اسڪالر) **n** one who attends a school; a pupil; a disciple; a student; (in times of less widespread education) one who could read and write, or an educated person; a learned person; one whose learning is extensive and exact, or whose approach to learning is scrupulous and critical; generally, a holder of a scholarship. سيکڙات، وديارٿي، شاگرد، زبان دان، عالم، پنڊت، چيلو، وظيفو، فاضل، طالب علم، صاحب ڪمال، پڙهيل، وظيفيدار، وظيفو پائيندڙ، ڇاٿو، دانشور، تعليم دان، زباندان، تنقيد نگار.

scholarch (اسڪولارچ) **n.** the head of a school, esp of philosophy (Gr). اسڪول ۾ فلسفي جو استاد.

scholar-like (اسڪالر لائيڪ) **adj** like or befitting a scholar. فلاسفر لاءِ موزون هجڻ، عالم جهڙو يا ان لائق.

scholarly (اسڪالرلي) **adj.** like a scholar; having the learning of a scholar; intended for serious students who already have some knowledge of the subject; as becomes a scholar. عالمانو، هوشياريءَ جو، عالم وفاضل جي لائق، مواد جيڪو ڄاڻو ماڻهن لاءِ تيار ڪيو ويو هجي.

scholarship (اسڪالر شپ) **n.** erudition; scholarly learning; a foundation or grant for the maintenance of a pupil or student; the status and emoluments of such a pupil or student. وظيفو، علميت، هوشياري، علم ۽ فضل، فضيلت، وديا، قابليت، ڄاڻ.

scholastic (اسڪالسٽڪ) **adj & n.** pertaining to schools, universities or to teaches, teaching or students; subtle; pendantic; a teacher or scholar, one who adheres to the method or subtleties of the Medieval schools; a schoolman; a university teacher. هوشياريءَ جو، مدرسي جو، تعليمي، متڪلمانو، علمي، مڪتبي، علم ڪلام جي باري ۾، عالمانو، عالم جو، درسي، جامعي.

scholasticism (اسڪالسٽزم) **n** the philosophy, aims, methods and products of thought which constituted the main endeavour of the intellectual life of the Middle ages; the method or subtleties of the schools of philosophy; the collected body of doctrines of the schoolmen (Gr). روايتي اصولن جي اڌي تقليد، مدرسيت، وچئين دور جي ڄاڻ وارو علم حاصل ڪرڻ جو مول ۽ مقصد، فلسفي جي ڄاڻ ۽ اوسر، پڙهائڻ جا طور طريقا.

scholiast (اسڪاليسٽ) **n** a writer of scholia; an annotator; a commentator. مفسر، تبصري نگار، حال بيان ڪرڻ وارو، شرح نويس، حاشيه نويس، تفسير نگار، شرح لکڻ وارو.

scholion or **scholium** (اسڪاليان آر اسڪاليم) **n** a marginal note; comment; an annotation in the nature of an explanation or supplementary comment, such as those written in the margins of manuscripts of the classical authors; an observation or note added to a mathematical proposition. ٽيڪا، حاشيه، حاشيي، وانگر، حاشيءَ تي لکيل نوٽ، شرح، تفسير، حاشيءَ تي لکيل ٽيڪا، حاشيءَ تي شرح، حساب جي باري ۾ لکيل وضاحتي نقطو.

school[1] (اسڪول) **n, adj, vt.** a place for instruction; an institution for education, esp primary or secondary, or for the teaching of a specific subject or subjects; a division of such an institution; a building or room used for that purpose; the work of such an institution; the time during which pupils attend it; a body of pupils; the disciples of a particular teacher; a group of artists whose work shares a common style, from the circumstance of their having received instruction at the same place or under the same master; those who hold a common doctrine or follow a common tradition; a particular environment or set of experiences seen as a training group; to train; to drill; to instruct; to coach in a part to be played; to teach overbearingly; to discipline; to admonish. مدرسو، پاٺشالا، کتابي، مڪتب، فرقو، اسڪول، وديالو، زمانو، پڙهڻ، تعليم جو شعبو، مسلڪ، شاگرد، ختابي، طفل مڪتب، (جهونو) زمانو، پڙهندڙ چوڪرو، زير تعليم ٻار، هر سبق، استاد، واڄهو، اوڄهو، مُلو، آخوند، آچاريه، ماستر، ماستريائي، هڪ قسم جي مصوري ڪندڙ مصورن جو ڄٿو يا گروهه، اسڪول جو دور، زمانو، ڪنهن خاص استاد جا شاگرد، ساڳي اسڪول مان تعليم حاصل ڪيل، ساڳي متي يا اصول وارا.

school[2] (اسڪول) **n, vi, adj.** a shoal of fish, whales, or other swimming animals; a flock, troop, assemblage (esp of birds); to gather or go in schools; going in schools. مڇين جو گروهه يا هجوم، وهيل مڇين يا ٻين سامونڊي جانورن جو ڄٿو، گروهه يا ڄٽي جي صورت ۾ وڃڻ، سامونڊي جانورن جو ڄٿو خاص ڪري پلهڻ، ڊالفن ۽ وهيل جو.

schoolable (اسڪولبل) **adj.** liable by age to compulsory education. تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مخصوص عمر جي حد، لازمي تعليم جي عمر جي حد وارو.

school age (اسڪول ايج) **n.** the age at which children attend school. اها عمر جنهن ۾ ٻار اسڪول وڃي، پڙهڻ جي عمر.

school-bag (اسڪول بيگ) **n** a bag for carrying school books. اسڪولي ڪتاب کڻڻ وارو ٿيلهو.

school bell (اسڪول بيل) **n** a bell to announce time for school. اها گهنٽي جيڪا اسڪول جي ٽائيم جو اعلان ڪري.

اسڪول جو گهٽو.

school board (اسڪول بورڊ) n a board of school managers; an authority for local education; a board made up of parents, teachers and community representatives with responsibility for the management of an individual school.لڪل لاءِ استعمال ٿيندڙ بورڊ (اسڪول ٻر)، اسڪول جي منتظمين جي مجلس، اسڪول جي سنڀال لاءِ چونڊيل سياڻا جماعت.

school book (اسڪول بڪ) n a book used in school; a text-book. (اسڪول جو) درسي ڪتاب.

school boy (اسڪول بواءِ) n a pupil; a student; a boy attending school..طفل مڪتب، اسڪول ويندڙ ڇوڪر، شاگرد، ختابي، پڙهندڙ، تربيت پذير.

school craft (اسڪول ڪرافٽ) n learning..سکيا، قابليت، علميت، تجربو، ڄاڻ.

school dame (اسڪول ڊيم) n the mistress of a dame-school. ڇوڪرين جي اسڪول جي خاتون هيڊ، هيڊماستريائي، ڇوڪرين جي اسڪول جي ماستريائي.

school day (اسڪول ڊي) n a day on which schools are open; time of being a school pupil.اهو ڏينهن جنهن تي اسڪول کليل هجن، پڙهائيءَ جو ڏينهن.

school doctor (اسڪول ڊاڪٽر) n a schoolman; a school teacher; a physician appointed to examine or attend the pupils of a school or schools.اسڪول جو ماڻهو، اسڪول جو استاد يا اهو ماڻهو جيڪو شاگردن جي امتحان لاءِ گهرايو ويو هجي.

school fellow (اسڪول فيلو) m one taught at the same school at the same time as oneself..ختابي، هم ڪلاسي، سبق، هم اسڪول، هم مڪتب، وديارٿي.

school-friend (اسڪول فرينڊ) n someone who is or has been one's friend at school.اهو جيڪو ڪلاهن اسڪول ۾ دوست رهيو هجي، اسڪول جي وقت جو دوست، هم ڪلاسي.

school house (اسڪول هائوس) n a building used as a school; a house provided for a schoolmaster.اها عمارت جيڪا اسڪول طور استعمال ٿئي، ماستر جي رهائش (اسڪول طرفان مهيا ڪيل).

schoolie (اسڪولي) n a school teacher..اسڪول جو استاد، ماستر، مُلو، آخوند، آچاريہ.

schooling (اسڪولنگ) n instruction or maintenance at school; tuition; reproof; training; discipline; school fees; reproof; reprimand..فهمائش، سکيا، تعليم، پڙهائي، نصيحت، تربيت، تنبيهه، ڇنڊ، هدايت، اسڪول جي في.

school inspector (اسڪول انسپيڪٽر) n an official appointed to examine schools.سرڪاري طور اسڪولن جي نظرداري ڪرڻ وارو عملدار، اسڪول چڪاسيندڙ عملدار.

school-leaver (اسڪول ليور) n someone who is leaving school because he or she has reached the statutory age, or the stage, for doing so.اهو جيڪو اسڪول ڇڏي وڃي، تعليم مڪمل ڪري ويندڙ، فارغ التحصيل.

schoolman (اسڪول مئن) n a philosopher or theologian of medieval scholasticism; a teacher or educator.استاد يا سکيا ڏيندڙ، آچاريہ، آخوند، فلسفي جو استاد، تعليم ڏيندڙ، تربيت ڪندڙ.

school-marm (اسڪول مارم) n a school mistress; a prim pedantic woman.هيڊماستريائي، اسڪول جي خاتون هيڊ، اسڪول ماستريائي.

schoolmaster (اسڪول ماسٽر) n a teacher; the master or one of the masters of a school; a tutor.استاد، ملو واجهو، اوجهو، آخوند، آچاريہ، تربيت ڪندڙ، اسڪول جو هيڊ يا سکيا ڏيندڙ.

school-mastering (اسڪول ماسٽرنگ) adj teaching as a profession. ماستري پيشو.

schoolmate (اسڪول ميٽ) n a school-friend; a school fellow. اسڪولي دوست ، هم ڪلاسي.

schoolmistress (اسڪول مسٽريس) n a female teacher; the mistress or one of the mistresses of a school. ماستريائي، ماسي، تربيت ڏيندڙ.

schoolmistressy (اسڪول مسٽريسي) adj prim and fussy. ٺيڪ ٺاڪ يا ضابطي سان.

school nurse (اسڪول نرس) n a registered nurse employed to visit schools and promote children's health through screening procedures, immunization, etc. اسڪول جي ٻارن جي صحت چڪاسڻ لاءِ رکيل نرس.

school phobia (اسڪول فوبيا) n an irrational fear of attending school. اسڪول جي دهشت، اسڪول کان ڊپ.

school point (اسڪول پوائنٽ) a point for scholastic disputation. عالمائي تڪرار جو سبب، علمي بحث مباحثہ لاءِ نقطو.

schoolroom (اسڪول روم) n a school classroom; in a house, a room for receiving or preparing lessons in. اسڪول جو ڪلاس روم يا گهر جو اهو ڪمرو جنهن ۾ سبق پڙهجي، پڙهائيءَ جو ڪمرو.

schoolship (اسڪول شپ) n a training-ship..سکيائي جهاز، تربيتي جهاز.

school-taught (اسڪول ٽاٽ) adj taught at school or in the schools. اسڪول ۾ سيکاريل، پڙهيل، تربيت ورتل.

school teacher (اسڪول ٽيچر) n a person who teaches in a school..اهو ماڻهو جيڪو اسڪول ۾ پڙهائي، ماستر، ملو، آخوند، استاد، آچاريہ.

school term (اسڪول ٽرم) n a division of the school year; a word or term in use in the schools or

among school-men..اسڪولي سال جو هڪ مخصوص حصو.
اسڪول جو پڙهائڻ وارو عرصو يا دؤر.

school time (اسڪول ٽائيم) **n** the time at which a school opens, or during which it remains open; school days.اهو وقت جنهن ۾ اسڪول کليل رهن. پڙهائي جو ڏينهن ۽ وقت.

school-trained (اسڪول ٽرينڊ) **adj** trained at school. اسڪول مان سکيل. پڙهيل. تربيت يافته.

school year (اسڪول ايئر) **n** the period of (more or less) continual teaching during the year comprising an academic unit during which a child or student remains in the same basic class.اسڪولي سکيا جو مخصوص عرصو جنهن ۾ شاگرد هڪ مخصوص ڪلاس ۾ رهي.

schooner (سُونر) **n** a sharp-built, swift-sailing vessel, generally two or more masted, force-and-aft rigged or with top and topgallant sails on the fore-mast; a covered emigrant-wagon; a large beer glass; a large sherry glass..ٻن يا وڌيڪ کوهن وارو جهاز. ٻه کوهو جهاز. تيز دخاني جهاز. شراب يا بيئر جو وڏو گلاس. (آمريڪا ۾) آبادڪارن، مهاجرن يا لاڏائن جو وڏو ڍڪيل ڇڪڙو.

schorl (شارل) **n** black tourmaline.(Ger)ڪاري رنگ جي خوبصورت ڌات جيڪا برقيت پذير هوندي آهي.

schorlomite (شارلومائيٽ) **n** a black variety of garnet rich in titanium dioxide.(Ger)ڪاري رنگ جي جوهري مادي ڀريل ڌات.

schorl-rock (شارل راڪ) **n** a rock composed of aggregates schorl and quartz (Ger).ڪاري رنگ ۽ بلوري مادي واري مرڪب ڌات.

schottische (شوٽيش) **n** a dance, or dance-tune similar to the polka (Ger).ڊانس جو هڪ قسم ناچ. پولڪا جهڙو ناچ.

schout (اسڪائوٽ) **n** a municipal officer (Du).شهري انتظامي ڪاميٽيءَ جو اعليٰ عملدار. بلدياتي عملدار.

schrecklich (شريڪلهه) **adj** frightful (Ger).خوفناڪ يا ڀيانڪ. ڊپائتو. ڊيڄاريندڙ. ڪهور. خوفناڪ.

schrecklichkeit (شريڪلهڪيٽ) **n** frightfulness (Ger). خوف. ڊپ. ڪهور.

Schrodinger equation ((شروڊنگر ايڪوئيشن) **n** a fundamental equation of wave mechanics which describes the behaviour of a particle in a field of force.قوت جي اثر هيٺ چر پر ڪندڙ، سادن يا ذرڙن بابت هڪ مقرر اصول.

schuit or **schuyt** (اسڪوئٽ) **n** a Dutch flat-bottomed boat, used on canals and along the coast (Du).سڌي تري واري ٻيڙي جيڪا واهن يا ڪناري سان هلڻ لاءِ استعمال ٿئي.

ٻوڙندي ٻيڙي.

schuss (شُوس) **n** a straight slope on which it is possible to make a fast run; such a run; to make such a run (Ger).سڌو جهڪاءُ جتي تيز هلي سگهجي. ڊوڙي لهڻ جهڙي لاهي. ڊوڙي لهڻ.

schutzstaffel (SS) (شرٽس شٽافل) **n** Hitler's bodyguard of elite police later forming military units in Nazi Germany (Ger).هٽلر جو باڊي گارڊ دستو. جرمنيءَ جو هڪ سخت فوجي دستو.

schwa or **shwa** (شوا) **n** an indistinct vowel sound; a neutral vowel (Ger).حرف علت. اڄاري حرف جو آواز. غير اڄاري حرف.

Schwann cell (شونن سيل) **n** a large nucleated cell that lays down myelin in peripheral nerve fibres.نيو ڪليائي گهرڙو. جسماني رڳن جي ٻاهرين حصن کي مضبوط ڪندڙ جزو.

schwarmerei (شورميراءِ) **n** sentimental enthusiasm, wild devotion, fanaticism (Ger)..جذبو. مذهبي جنون. تعصب. ڪٽرپڻو.

schwarzlot (شوارٽسلاٽ) **n** a type of black enamel decoration on glass, pottery and porcelain (Ger).شيشي تي ڪاري رنگ جو مادو لڳائڻ. ڪاري رنگ جا ڪائڻ پيڻ جا ٿانوَ.

scia- (سايہ سائي) **pfx.** denoting shadow. ڇانوَ. سايو. پاڇو. عڪس. اولڙو. تصوير.

sciaenid or **sciaenoid** (سسيائنيڊ) **n** and **adj** (of or relating to) any member of the genus or the family, marine percoid tropical and subtropical fishes, incl the croakers and drums.مڇين جي هڪ مکيہ جنس. گرم سامونڊي پاڻيءَ جون مختلف مڇيون.

sciarid (سائيرڊ) **n** a minute, dark-coloured two-winged fly of the family sciaridae (Gr).ننڍي ٻن پرن واري مک جو قسم.

sciatic (سائيٽڪ) **adj** pertaining or in the region of, the hip or sciatica. ڏڏ. ران. سوراخدار.

sciatica (سائيٽڪا) **n** neuralgia or inflammation of the sciatic nerve..عرق النساء. مصعب نسائيءَ جو سور (بيماري). ڪن رڳ جو سور.

sciatic nerve (سائيٽڪ نرو) **n** the major nerve of the leg, passing down the back of the thigh from the base of the spine..وڏي تنت. (ڪرنگهي) وڏي تنت. حرام مغز. عصب سوراخ.

science (سائنس) **n** knowledge; knowledge reduced to a system or ascertained by observation and experiment, critically tested, systematized and brought under general principles; a department or branch

of such knowledge or study; a skilled craft. سائنس، علم، حڪمت هنر، تجرباتي علم، گيان، وديا، علم طبعي، مشاهداتي علم، وچا، پدارٿ وديا، هٿ جو هنر.

science fiction (سائنس فڪشن) **n** a lietrary genre dealing with speculative scientific and technological developments, esp the imaginative presentation, often set in the future, of people and environments on the earth, on other planets or in space. خيالي سائنسي ادب، سائنسي ڪهاڻي، هڪ خيالي ڪٿا جنهن جو بنياد ڪنهن سائنسي عمل تي هجي، زمين يا خلا پر موجود ماحول بابت ڪهاڻي.

science park (سائنس پارڪ) **n** a designated place or centre for industrial research, attached to a university, set up for the purpose of co-operation between the academic and the commercial world. (يونيورسٽيءَ سان لاڳو) صنعتي تحقيق جو مخصوص مرڪز. تعليمي اداري لاڳو معلوماتي مڪان.

scienter (سائنٽر) **adv** having knowledge, being aware; knowingly, wilfully (L). مڪمل معلومات رکندڙ، باخبر، ضدي، سرڪش، هٺ ڌرم.

sciential (سائنشل) **adj** pertaining to, having, or producing science; scientific. سائنسي معلومات رکندڙ، مشاهداتي علم جي بنياد تي تيار ڪيل.

scienticism (سائنٽسزم) **n** the methods or mental attitudes of scientists; a belief that the methods used in studying natural sciences should be employed also in investigating all aspects of human behaviour and condition, eg in philosophy and social sciences; scientific or pseudo-scientific language. سائنسدانن جي دماغي قوت يا مشاهداتي جاچ، هڪ اصول ته انسان جي حالتن کي پرکڻ يا چڪاسڻ مهل مقرر ڪيل سائنسي اصول به استعمال ڪيا وڃن.

scientific (سائنٽيفڪ) **adj** (of a syllogism) demonstrative, producing knowledge; pertaining to, based on, devoted to, according to, used in, or versed in, science. عالمانو، علمي حڪمت جو، سائنسي، وگياني، اصولي، حڪمتي، وگيانڪ، اصول علم بابت.

scientifically (سائنٽيفڪلي) **adv.** in a scientific manner. ازروءِ علم يا سائنس، وچائتو، علمي.

scientific whaling (سائنٽفڪ ويلنگ) **n** whaling carried out actually or ostensibly for the purposes of research. چڪاس يا کوجنا لاءِ شڪار ڪيل وهيل مڇي.

scientist (سائنٽسٽ) **n.** one versed in science; one who studies or practises a science, esp natural science. سائنس دان، وگياني، عالم، حڪيم، وديا دان، کوجنا ڪندڙ.

اصول علم جو ماهر.

scientology (سائنٽالاجي) **n** a religious movement founded in US, which claims that an individual's full spiritual potential may be realized through study of psychotherapy. آمريڪا ۾ شروع ڪيل هڪ مذهبي تحريڪ جنهن موجب هرفرد جي روحاني سگهه کي سائڪوٿراپيءَ جي اڀياس ذريعي پروڙي سگهجي ٿو.

scilicet (سائليسيٽ) **adv.** to wit, namely. ارٿانت، يعني، نالي ۾.

scilla (سِلا) **n** any plant of the squill genus scilla of the lily family, incl some bright blue bell-shaped flowers. جنس جهنگلي بصر.

Scillonian (سالونين) **adj** of, belonging to, concerning, the Scilly Isles, off the south-west coast of Britain; an inhabitant of these islands. سسلي ٻيٽ جو رهاڪو يا اتان جي باري ۾، انهن ٻيٽن جا باشندا.

scimitar (سميٽر) **n** a short, single-edged, curved sword, broadest at the point end, used by the Turks and Persians. سروهي، سرواهي، نيمچو، ننڍي ترار، شمشير، خنجر.

scimitar horned oryx (سمٽر هارنڊ اوريڪس) **n.** an African species of deer with long curved horns. ڏکڻ آفريڪا جو هڪ وڏو تلوار صورت سڱن وارو هرڻ.

scimitar bill babbler (سمٽر بل بئبلر) **n.** a large snipe cryptically coloured with distinguishing long bill swollen at the tip. شمشير چهنب هليلو پکي، وڏو پينجهڙو پکي.

scincoid or **scincoidian** (سنڪوائڊ- سنڪوائڊين) **adj** & **n.** resembling a skink; an animal resembling a skink (Gr). آفريڪي ڪرڙي، ڳهڻ ڏندي ڪرڙي، مکيون جهٽيندڙ ڪرڙي.

scintigraphy (سنٽيگرافي) **n** a diagnostic technique in which the pattern of gamma rays emitted by a radioactive isotope injected into the body is represented in diagrammatic form, and a record or map of the radio-activity in various parts of the body may be built up by scanning the body, section by section. بدني چڪاس جو هڪ جديد طريقو جنهن ۾ گاما ترورا بدن اندر داخل ڪري انهن رستي سڄي جسم جو نقشو تيار ڪيو ويندو آهي، انساني بدن جي اندروني عضون جي نقشي ڪاري.

scintilla (سنٽيلا) **n** a spark; a glimmer; a hint, trace. ذرو، الو، چڻنگ، اشارو، نشاني، چڻگاري.

scintillant (سنٽيلنٽ) **adj** sparkling. نور افشان، چمڪيلو، چمڪندڙ، چڻگون ڪڍندڙ، الا ڪڍندڙ، شعلا ڇڏيندڙ.

scintillate (سنٽيليٽ) **vi, vt.** to emit sparks; to sparkle; to be dazzlingly impressive or animated; to talk

wittily; to emit in sparks; to sparkle with.. چمڪو ڏيڻ. چمڪڻ، جهلڪڻ، ٽمڪڻ، الاچڻ، فتني انگيزي ڪرڻ، چڻنگون ڪيڻ، چنگاري ڏيڻ.

scintillation (سنٽيليشن) **n** twinkling; coruscation; a flash of light produced in a phosphor by an ionizing particle, eg an alpha particle or a photon.. چمڪو. چمڪ، جهرمر، چنگاري، چڻنگ ڪيڻ، ٽمڪڻ.

scintillator (سنٽيليٽر) **n** an instrument for detecting radioactivity. شعاع تابي لاء استعمال ٿيندڙ اوزار، جوهري تابڪاريء جو پتو لڳائيندڙ اوزار.

scintilliscan (سنٽيلسڪن) **n** a scan made by scintigraphy. جديد طريقي سان تيار ڪيل انساني جسم جو نقشو.

scintillometer (سنٽيلوميٽر) **n.** an instrument for detecting and measuring radioactivity. شعاع تابي ماپڻ جو اوزار، جوهري تابڪاريء جو اثر ماپڻ جو اوزار.

scintilloscope or **scintillascope** (سنٽيلواسڪوپ) **n** an instrument which shows scintillations on a screen, used to produce a scintigram. چمڪو يا جهرمر پردي تائين پهچائڻ جو اوزار.

scio- (سائيو، سائئو) combining form : denoting shadow. ڇانو، سايو، پاڇو، اولڙو.

sciolism (سائيولزم) **n** superficial pretensions to knowledge. ڄاڻو هجڻ جو دعويدار، خود ساخته ماهر.

sciolist (سائيولسٽ) **n.** one who knows things superficially; a smatterer; a pretender to science.. ڪم ڄاڻ. مٿاڇرو پڙهيل ڪاٻڙوني، خودبين، خودنمائي، مدعي، سائنس بابت هٿ ٺوڪي ڄاڻ وارو وڳيالي يا سائنسدان.

sciolto (شالٽو) **adj** and **adv.** in a free manner (Ital). آزاد طرز، آزاداڻو انداز.

sciomachy (سڪيومئڪي) **n.** a fighting with a shadow. پاڇي سان وڙهڻ، پاڇو ڪٽڻ.

scion (سائين) **n.** a cutting or twig; a young shoot; a detached piece of a plant capable of propagating, esp by grafting; a young member of a family; a descendant, offshoot.. قلم، ڏانڊ، پيوندي شاخ، نسل، اولاد، نونهال، چشم و چراغ، ناري، فرزند، ڏوڏو، ٻچو، پيوندي ٽڪرو.

sciosophy (سائيوسوفي) **n** a system of what claims to be knowledge but is without basis in ascertained scientific fact, such as astrology. علم نجوم جي ڄاڻ، غير سائنسي علمن جي ڄاڻ.

scire facias (سائير يفشياس) **n** a writ requiring a person to appear and show cause why a record should not be enforced, annulled or vacated. منسوخ ڪرڻ، خالي ڪرڻ، ڪنهن لکپڙهه کي ثابت ڪرڻ لاء گهرايل شاهد يا ماهر.

Scirpus (سرپس) **n** the club-rush genus of the sedge family. ناڪر موٿ گاهه جي قسم جو ٻوٽو.

scirrhosity (اسڪروسٽي) **n.** state of being scirrhous; a scirrhus. ڳنڍ غدود، غدود سختي، ڳنڍ، ڦرڙي، درد سرطاني.

scirrhus (اسڪرس) **n** a hard swelling; a hard fibrous carcinoma. سخت. ڏيو، ڏٻ، ڳنڍيدار، ڳنڍ ڦرڙي، درد سرطاني، سرطاني ڳڙ.

scissel (سسل) **n** metal clippings or shreds; scrap metal leaf when blanks have been cut out.. ڌات جو ٻورو. ڌاتوء جا ٽڪا، ذرڙا ٿيل ڌاتو.

scissile (سسائل) **adj** capable of being cut; readily splitting. تراش جي قابل، ڪٽڻ جي قابل، جلدي ڪلي ويندڙ.

scission (سيشن) **n** act of cutting; division; splitting; schism.. تقسيم، علحدگي، ڪاٽ ڇانٽ، تراش، ڪتائي، تراشي. ڪترڻ، ڪٽڻ، چڪڻ.

scissiparity (سسيپيرٽي) **n** reproduction by fission. قوت ڌريعي واڌ يا پيدائش، تراشي پيدائش.

scissor bill or **skimmer** (سيزر بل يا اسڪمر) **n.** a bird with a distinctive bill in which the lower mandible is longer than the upper one and is flattened sideways like a vertical knife blade, usually found on coasts, estuaries and rivers. هندستان، پاڪستان ۽ آفريڪا جو هڪ ناياب دريائي پکي جنهن جي چهنب مٿي نندي ۽ هيٺ وڏي آهي جنهن سان اهو مڇيون جهليندو آهي، قينچي چهنب پکي، پاڻي چير پکي، چاڪو چهنب پکي.

scissor-leg (سزرز ليگ) **n** a disability in which one leg is permanently crossed over the other, occurring in stroke victims and in certain brain-damaged children.. معذوري جنهن ۾ هڪڙي ٽنگ ٻيء جي مٿان وريل هجي.

scissors (سيزرز) **n** a cutting instrument with two blades pivoted to close together and overlap, usu smaller than shears; a position or movement like that of scissors; movement of the legs suggesting opening and closing of scissors; locking the legs round body or head of an opponent (wrestling); a style of high jump in which the leg nearest the bar leads throughout; a pass executed on the run to another player who is crossing one's paah (Rugby football). ڪتر، مقراض، قئنچي، ڪئنچي، ڪيڇي، ڪترڻي، ڪاتي، جو ڪپ، جانورن جي ڏاس يا اُن ڪپڻ جي قينچيء صورت اوزار، قينچيء وانگر هلائڻ يا استعمال ڪرڻ، ٽنگن جي قينچيء وانگر چرپر، ڪشتيء راند جي هڪ چال يا داءُ، هڪ قسم جو اُپوٽپ، (رگبي فوٽبال راند ۾) هڪ قسم جي ڊوڙ.

scissors-and-paste (سزرز اينڊ پيسٽ) **n** literary or journalistic matter collected from various sources with little or no original writing. ٻين جي ڪتابن تان مضمون ڪٽي

ڪتاب لکڻ.

scissors kick (سـزرز ڪِڪ) n a kick used in some swimming strokes in which the legs are moved in a scissorlike action. ترڻ وقت مخصوص يا خاص طريقي سان ٽنگون هلائڻ.

scissortail (سزرزٽيل) n an American flycatcher. آمريڪي مکيون پڪڙيندڙ پکي، مک خور پکي.

scissor-tooth (سـزرز ٽوٿ) n a long, large tooth in a carnivore, using for tearing flesh. گوشت خور يا شڪار ڪندڙ جانور جو تيز نوڪيلو ڏند، گوشت چيريندڙ ڏند، شينهن، واگهه ۽ چيتي جي جنس جي جانورن جا ڏند.

scissure (سِشر) n a clefa; a splitting, fissure; a rupture; a division; cutting. تقسيم، وِڍ، ڪٽ، جدا ڪرڻ، درز، چير، ٽوٽ، ڏار، شگاف.

Scitamineae (سِٽامِني) n pl. an order of monocotyledons incl the banana, ginger, Indian shot and arrowroot families. مـختلف قسـمن جا هڪ ٻج پن ٻوٽا، هڪ ڦاڪي ٻج وارا ٻوٽا، ڪيلي جي قسم جا ٻوٽا.

sciurine (سائيورائين) n a member of the genus of rodents, incl the squirrels, marmots and chipmunks; of, belonging to or characteristic of sciurus or the sciuridae. نوريـڙي والگر زمين اندر رهندڙ جيـوت، نوريـڙي جي خاندان جا مختلف جانور.

sclaff (اسڪلف) n, vt. & vi. a light slap or its sound; a stroke in which the sole of the club scrapes the ground before striking the ball (golf); to strike or play with a sclaff. ٿاچ ۽ ڪنيل هلڪو پير ۽ ان جو آواز، گولف راند ۾ ڏنڊي طرفان زمين تي ڪيل ڏڪ جو نشان.

sclera (اسڪليرا) n the outermost membrane of the eyeball, the scleroaic. اکين جو سخت حصو، چشمي سفيدي، اک جي تاري سختي.

sclere (اسڪلير) n a supporting element; a sponge spicule. ننڍڙو ڪوڪو، سُئي، سخت عنصر، اسفنجي جيوت.

sclereid or **sclereide** (اسڪلرڊ) n a thick-walled cell. ٿلهي تهه وارو ڪهرڙو، سخت ريشو.

sclerema (اسڪليريما) n hardening of (esp subcutaneous) tissues. ڪوڙهي، چربي دار ڪوڙهي.

sclerenchyma (اسڪليرينڪيما) n plant tissue consisting of cells with thick lignified walls; hard skeletal tissue, as in corals. سخت بافت، سخت ريشو، مرجاني خول.

scleriasis (اسڪليرياسز) n hardening of tissue, scleroderma; a hard tumour; an induration. سـخت ڪوڙهي، چمڙيءَ جي سختي، ڪنهن عضوي جي سختي (اک جا ڪنارا)، خاص طور مطلب آهي فرج جي ڪنارن جي سختي، کل جي سختي.

sclerite (اسڪليرائيٽ) n a hard skeletal plate or spicule. سخت پڃرائين تختي، سخت تختي، مغز جي سخت هڏي.

scleritis (اسڪليرائٽس) n scleroaitis. اک جي سـوزش چشـم، اک جي سفيد پردي سوڄ، اک جي اڇاڻ واري حصي جي سوڄ ۽ سوزش.

sclero- or **scler-** (اسڪليرو) combining form : denoting hard; the sclera. سخت، اک جي سفيدي، چشمي سفيدي، اک جي تاري سوڄ.

sclerocauly (اسڪليروڪولي) n possession of a hard, dry stem. سـخت ڏانڊيدار، سـخت ڏانڊين وارو وڻ، سـخت ڪاٺ وارو وڻ، سخت ٿڙي.

scleroderm (اسڪليروڊرم) n a hard integument. سخت چوڏو، پردو، ڪور، سـخت جلد، سـخت کل، سـخت چمـڙي، جلد مرجان.

scleroderma or **sclerodermia** (اسڪليروڊرما) n hardness and contraction of the body's connective tissue in which the skin becomes thickened by substitution of fibrous tissue for subcutaneous fat. جسم جي کل سـخت ٿي وڃڻ، جلدي سـختي، چمڙيءَ جي سختي، چمڙيءَ جي پراڻي سوزش.

sclerodermic or **sclerodermous** (اسڪليروڊرمڪ) adj hard-skinned; pertaining to a scleroderm or to sclerodermia. سخت کل، سخت جلد، سخت کل وارا جانور.

sclerodermite (اسڪليروڊرمائيٽ) the integument of a segment in arthropods. جڙيل پيـرن وارن جانورن جو سـخت تهه.

scleroid (اسڪليرائڊ) adj hard; hardened. سخت بافت، سـخت اوجي نما، سخت کل نما.

scleroma (اسڪليروما) n hardening; induration of the cellular tissue; a hardened area of mucous membrane or skin, eg forming nodules in the nose. سخت ڪوڙهي، عضوي جي غير معمولي سختي، کل جي غيرضروري نقصان ڪار سـختي ۽ ڪوڙهين جو نـهڻ، ڪنهن ٽنب جي سـخت ٿي پوڻ جو عمل.

scleromalacia (اسڪليرومليشيا) n thinning of the sclerotic coat resulting from inflammation. سـوزش جي ڪري بافت جو سنهو ۽ ڪمزور ٿيڻ.

sclerometer (اسڪليروميٽر) n an instrument for measuring the hardness of minerals. معدني مادن جي سختي ماپڻ جو اوزار.

sclerophyll (اسڪاليروفل) n a hard, leathery leaf; a woody plant, esp of hot, arid regions, with such leaves. سخت چوڏي وارو ٻوٽو، سخت پن، سخت پن ٻوٽو، گرم ۽ خشڪ علائقن جا سخت پن وارا ٻوٽا.

sclerophylly (اسڪليروفلي) n possession of sclerophylls. سخت پن جي موجودگي.

sclerosal (اسڪليروسل) **adj** affected with sclerosis.اوجي سختيء ورتل، اوجي جي سختيء جو مريض.

sclerose (اسڪليروز) **vt** to harden; to affect with sclerosis; to become sclerotic.سخت ٿيڻ، سختيء جي مرض ۾ مبتلا ٿيڻ، سخت ٿي وڃڻ.

sclerosis (اسڪليروسس) **n** hardening; morbid hardening, eg of arteries by deposition of fatty plaques; hardening of tissue by thickening or lignification. اوجي سختي، عضوي سختي، بافت سختي، ڪل سختي، اوجو سخت ٿيڻ، لاڳاپيل ريشن جي سختي.

sclerotal (اسڪليروٽل) **adj & n.** sclerotic; a bony plate in the sclerotic or some animals..اک جو سفيد پردو، چارو، سختي، سخت مادو.

sclerotic (اسڪليروٽڪ) **adj, n.** hard, firm, applied esp to the outer membrane of the eyeball; of sclerosis; sclerosed, affected with sclerosis; the sclera, the fibrous outer membrane of the eyeball..صلابت چشم، اک جو پردو، ڏوڏو، صلب، اک جي اڇاڻ، سفيد پردو، وچيون تهه، چارو، چشم سفيدي، اک جو سفيد پردو.

sclerotin (اسڪليروٽن) **n** (in insects) a protein in the cuticle that becomes hard and dark.جيتن ۾ پروٽين مادي جي ڳوڙهي.

sclerotitis (اسڪليرو ٽائٽس) **n** inflammation of the sclerotic. اک جي سفيد پردي جي سوج يا سوزش، ڪل سوزش.

sclerotoid or **sclerotial** (اسڪليرو ٽوائڊ ٽيل) **adj** pertaining to, or resembling a sclerotium.ڳوڙهيء نما، ڳوڙهيء بابت.

sclerotium (اسڪليروشيم) **n** a hard tuber-like body consisting of a compact mass of hyphae, the resting stage of many fungi..ٺڪرو ڳوڙهو، مَڇو، اوجي جسم، ڦنگيائي تند ڳوڙهو، ڳوڙهيء جي شڪل ۾ ڦنگي واڌ.

sclerotize (-se) (اسڪليروٽائيز) **vt** to harden or darken. سخت يا اونداهو، ڪارو رنگ ٿيڻ.

sclerotomy (اسڪليروٽامي) **n** incision into the sclera.ڳوڙهي تراشي، سخت ڳوڙهيء جي جراحي، اک جي سفيد پردي تي چير ڦاڙ جو عمل.

sclerous (اسڪليروٽس) **adj** hard or indurated; ossified or bony. هڏي جهڙو سخت، ڳوڙهي دار.

scliff or **skliff** (اسڪلف) **n** a small segment or piece. ننڍڙو حصو يا ٽڪرو، جزو.

scoff[1] (اسڪاف) **n, vi & vt.** mockery; a jibe, jeer; an expression or an object of derision; to jeer; to jeer at.ٺٺولي ڪرڻ، چٿر ڪرڻ، مسخري ڪرڻ، طنز، چيڙائڻ، هانسي، گهبو، متهبو، ٺٺل ڪرڻ، ڪلڻ، طعني زني ڪرڻ.

scoff[2] or **skoff** (اسڪاف) **vt, vi & n.** to devour; to plunder; to feed quickly or greedily; food; a meal..ڳهڻ، ڳڙڪائي ڇڏڻ، اڏائي ڇڏڻ، تڪڙو تڪڙو کائڻ، لالچ ڪري کائڻ، غذا، خوراڪ، ماني، کاڌو.

scofflaw (اسڪاف لا) **n** a person who is contemptuous of, or flouts, the law.چيڙيندڙ، ٺوڪبازي ڪندڙ، بيعزتي ڪندڙ، انحرافي ڪندڙ، قانون جي خلاف ورزي ڪندڙ.

scold (اسڪولڊ) **n, vi & vt.** a clamorous, foul-mouthed woman, who constantly finds fault in a strident manner; a scolding; to brawl; to use abrasive language; to find fault vehemently or at some length; to chide; to rebuke..ڏمڪائڻ، ڇينڀڻ، جهڙڪڻ، دڙڪا ڏيڻ، برو ڀلو چوڻ، دٻائڻ، ڇنڊ ڪڍڻ، بي عزتي ڪرڻ، ڪهٽ وڌ ڳالهائڻ.

scolding (اسڪولڊنگ) **n.** act of one who scolds; railing language; a rating. ڏمڪي، ڇينڀ، ڊينڀ، ڳالهاء، ڇنڊ، تڙي، ڏمال، تڙيء وارو ڳالهاء.

scolecite (اسڪوليسائيٽ) **n** a white mineral of the zeolite group, a hydrated silicate of calcium and aluminium. اڇو معدني مادو، سنگ مرمر جهڙو پٿر.

scolex (اسڪوليڪس) **n** the head of a tapeworm having hooks and suckers by which it attaches itself to its host. مٿو، ٽوپڻ، (ڦيٿ واري) ڪينئين جو مٿو، سرڳنڍو.

scoliosis (اسڪوليوسس) **n** abnormal curvature of the spine..پٺيء جي ڪنڊي جو غير رواجي جهڪڻ، ڪٻ نڪرڻ، ڪنڊي خم، ٽيڏائپ، ترڇائپ، ڪرنگهي جي هڏي جي ٽيڏائپ.

scollop (اسڪالپ) **n** a flexible wooden rod, pointed at both ends, used in Ireland to pin down thatch. ڪانيء جي اٽيء شڪل بيهڪ، اٽي، ٻه طرفي چهنبدار ڪاني.

scolopaceous (اسڪالوپيش) **adj** of, belonging to, or characteristic of the genus scolopax or family of birds, incl the woodcock and snipe.چيهي جهڙو، چيهي جو، چيهي ۽ ٻين جهنگلي پکين بابت، لڪ پکين ۽ اسنف پکين جي خاندان بابت.

scolopendra (اسڪالوپينڊرا) **n** a centipede of the genus of myriapods, incl large tropical centipedes up to a foot in length, giving name to the family; a fabulous fish that vomited up the hook with its viscera, which it then re-swallowed. هزار پيرو، ڪن ڪجورو، جنس هزار پيري، ڪن سوپاري، سئوپيري (جيت).

scolopendrid (اسڪالوپينڊرڊ) **n** any centipede of the family. سوپيرو جيت، سوپاري، ڪن سوپاري.

scolopendrium (اسڪالوپينڊريم) **n** a fern with undivided leaves of the genus, incl harts-tongue, so called from the resemblance of the sori to a centipede. فرن گاهه جو هڪ قسم، هرڻ زبان ٻوٽو.

scolytid (اسڪاليٽڊ) **n** a member of the scolytidae.ٽنڊڻ

جي جنس جو جيت

Scolytus (اسڪاليٽس) **n** the typical genus of scolytidae, a family of bark-beetles.نندڻ، وڻن لاء نقصانڪار نندڻن جي جنس جا جيت.

Scomber (اسڪامبر) **n** the mackerel genus, giving name to the family..سرمئي رنگ جي هڪ مڇيءَ جو قسم. ڪرڳاڻ، ڪرڳن، ڪرڳند، سير وغيره جي جنس جون مڇيون.

Scombresox (اسڪامبرساڪس) **n** the skipper genus, giving name to the scombresocidae. مڇيءَ جو قسم.

scombrid (اسڪامبرڊ) **n** a fish of the scombridae.مڇيءَ جو قسم.

scombroid (اسڪامبرائڊ) **n** a member of the scombroidea, a sub-order of marine spiny-finned including the mackerel, tunny and swordfish.سامونڊي ڇلرن واري مڇي جنهن ۾ ڪرڳن ۽ سير جنس اچي وڃن ٿيون، تلوار مڇي، سرمائي، ڪهوڙا يا ڪهوڙي وغيره.

scomfish (اسڪمفش) **vt.** to stifle; to disgustڪهتو ڏئي مارڻ، ٻوساٽڻ، ڪراهت ڏيارڻ.

sconce[1] (اسڪانس) **n, vt.** a detached fort; a small protective fortification or earthwork; a shelter; to entrench; to screen.حصار، قلعو، ڪوٽ، برج، جاء پناهه، قلعي بند ڪرڻ، گهيراءُ ڪرڻ، ڍڪي يا لڪائي ڇڏڻ.

sconce[2] (اسڪانس) **n** the head; the skull; the crown of the head; brains, wits.سر، کوپڙي، کوپري، مٿي جو مٿيون حصو، مغز، عقل، ڄاڻ.

sconce[3] (اسڪانس) **n & vt.** (at Oxford University) a fine imposed for some breach of university rules or etiquette; a two-handled mug used for the purpose; a forfeit; to fine.ڏنڊ، جرمانو، آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ ڪنهن ۾ ڏوهه جي پيچڪڙيءَ جو ڏنڊ، ٻه هٿيو جگ، . ضبط ڪرڻ، ڏنڊ وجهڻ، جرمانو وجهڻ.

sconce[4] (اسڪانس) **n** a candlestick or lantern with a handle; a case, socket or bracket-candlestick; a street wall-lamp..شمع دان، قنديل، ڏياني، ديوار گير شمعدان، ميڻ بتي، هٿ بتي، لالٽين.

scone (اسڪان) **n** a flattish, round or quadrant-shaped plain cake of dough without much fat, with or without currants, baked on a girdle or in an oven. گول يا ٽڪنڊي مني ٽڪي، معمولي سادو ڪيڪ. ڪوڪي جو قسم.

scoop (اسڪوپ) **n, vt.** an implement for lifting things; a container for boiling water; a concave shovel or lipped container for skimming or shovelling up loose material; a kitchen utensil, a deeply concave spoon, often fitted with a mechanical device for unloading it, used for dispensing a serving of pulpy food, eg ice cream or mashed potato; an instrument for gouging out apple-cores, samples of cheese; an act of scooping; a sweeping stroke; a scooped-out place; anything got by or as by scooping, a haul; the forestalling of other newspapers in obtaining a piece of news; an item of news so secured; to bail out; to lift, obtain, remove; hollow or make with, or as if with, a scoop; to secure in advance of or to the exclusion of others.پاڻي ٽهڪائڻ جو ٿانءُ، ڪورٽي، ڪفچو، ڪفگير، ڪوٽلن وجهڻ وارو ڪپچو، چمچو، هيوي، ڏوئي، ڪوڪلو ڪرڻ، کڏو ڪرڻ، ڪڍڻ، ڪرڇي،ڏوئي، ڇاڄي، بيلچو، ڪرڇي، ڏوئيءَ سان ڪڍڻ، ڪورڻ، کوٽڻ، خالي ڪرڻ، آئيس ڪريم ڪڍڻ وارو چمچو، تيز ڪنارن وارو ڪورڻ وارو چمچو، ميڙڻ، ڪرڙڻ، مٽي ڪڍڻ جي ڪيڻ (اوزار)، کوٽيل يا ڪرڙيل جاء، کوٽي ڪڍيل مال يا مٽي وغيره، خبرون ڳولي هٿ ڪرڻ، ڳولي حاصل ڪيل خبرون، جاڪوڙيل مسئلو، کوٽڻ، کوٽائي ڪرڻ، (خبر) ٻين تائين پهچڻ کان اڳ حاصل ڪرڻ.

scooper (اسڪوپر) **n** someone or something that scoops; an engraver's tool; another name for the avocet.کڏون کوٽيندڙ، ٺڪ جي ڪم ڪار جي ڇيٽي، کوٽيندڙ بيلچي نما اوزار.

scoopneck (اسڪوپ نيڪ) **n** a low rounded neckline. (ڪپڙي جي) نندي گول ڳچي.

scoop-net (اسڪوپ نيٽ) **n** a long-handled dipping net; a net for scooping along the bottom.هٿرادو ڄار، ڏکهي هٿئي سان هيٺ يا تري تائين پهچڻ واري ڄاري.

scoot[1] (اسڪوٽ) **vt, vi & n.** to squirt; to slip suddenly; to make of with speed; to travel on a scooter; a squirt; an act of scooting.ڊوڙڻ، نڪري جهٽڻ، ڀڄڻ، تڪڙو نڪري وڃڻ، اسڪوٽر تي سواري ڪرڻ، کسڪڻ، کسڪي وڃڻ.

scoot[2] (اسڪوٽ) **n** an insignificant person.بيقدرو يا بيهودو ماڻهو، ناچيز، خسيس، ڪين جهڙو، معمولي.

scooter (اسڪوٽر) **n** that which scoots; a child's toy, a wheeled footboard with steering handle, pushed along with the foot; a small-wheeled motorcycle with a protective front fairing; a boat for sailing on ice and water; a swift motor-boat; a simple form of plough. ڀڄندڙ، ڊوڙندڙ، کسڪي ويندڙ، تڪڙو نڪري ويندڙ، پير سان ڊوڙائڻ واري گاڏي، ننڍن ڦيٿن واري موٽر سائيڪل، اسڪوٽر، برف ۽ پاڻيءَ تي ترڻ واري اسڪوٽر صورت ٻيڙي، تير لانچ، هر جو هلڪو قسم.

scop (اسڪوپ) **n** an Anglo-Saxon poet or mistrel.شاعر، ڀٽ.

scopa (اسڪوپا) **n** a brushlike tuft of hairs on the hind legs of bees, used for collecting pollen.مکين جي پوئين

تنگن جي براڙ، (ماکي جي) مک جو پور عضوو.

scope[1] (اسڪوپ) **n** an aim or end; a purpose; range; field or opportunity of activity; capacity or room for action; potential or natural ability; spaciousness; a length of cable on an anchor that provides slack to allow a vessel to move with the tides etc.. موقع، گنجائش، حد، وسعت، آزادي، دسترس، رسائي، نيت، مقصد، مراد، نڪتہ نظر، مد نظر، پهچ، جاءِ، ڏڪِي رس، اوڪاش، وجهہ، اختيار، (ڪر لاءِ) گوءِ، ميدان مطالبو، منشا، قوت، اختيار، سگهہ، ونجهہ، ۾ پيل ڏوريءَ يا واءِ جي گنجائش يا ڍيگهہ جنهن ڪري وير واري صورت ۾ جهاز يا ٻيڙي مناسب طور ڦري گهري سگهي.

scope[2] (اسڪوپ) **n** short for microscope, telescope, horoscope; a visual display unit, esp a radar screen; a cinema; to examine (the internal organs) with a viewing instrument; an scope-owl. خوردبين، دوربين، خوردبيني، دوربيني، وڏين اکين وارو چهرو پکي.

-scope (اسڪوپ) **sfx.** an instrument for viewing, examining or detecting as in telescope, oscilloscope, stethoscope. (دور)، ڏسڻ، پرکڻ يا چڪاسڻ جا مختلف اوزار. بيني، ڏسڻي.

Scopelus (اسڪوپلس) **n** a genus of deep-water fishes with laminous spots, giving name to the family. اونهي پاڻيءَ جون روشني ڏيندڙ يا چمڪندڙ نشانن واريون مڇيون.

scopolamine (اسڪاپولامين) **n** an alkaloid obtained from plants of the genus and other plants of the solanaceae with sedative properties, used to prevent muscle spasm and travel sickness and as a premedication before anaesthesia. لحميات، ڪاردار مادو، مادو، ٻوٽن مان حاصل ٿيندڙ نشي آور مادو جيڪو دوا طور ڪتب ايندو آهي، هلڪي قسم جو سَن ڪندڙ مادو.

scopophilia (اسڪاپوفليا) **n** the practice of obtaining sexual pleasure from things seen, as naked bodies. جنس پرستيءَ جو عمل، شهوت جي تسڪين جو عمل، اگهاڙو بدن ڏسي تسڪين حاصل ڪرڻ.

scopophobia (اسڪوپو فوبيا) **n** fear of being looked at. ڏسڻ جو ڊپ، ماڻهن جي نظرن جو ڊپ.

-scopy (اسڪوپي) **sfx** indicating viewing, examining, or observing, as in autoscopy, poroscopy, or nithoscopy.. (هڪ لفظي پڇاڙي) (دور) پاسڻي، بيني، پرکڻي، چڪاسڻي، مختلف قسم جا ڏسڻ جا اوزار.

scorbutic (اسڪاربيوٽڪ) **adj** of the nature of, or affected with scurvy. خارش جو، خارش نما، خارشي، ڪجلي دار، خارش جو مريض.

scorch[1] (اسڪارچ) **vt, vi & n.** to burn slightly or superficially; to singe; to parch; to dry up, wither or affect painfully or injuriously by heat or as if by heat; to wither with scorn, censure; to be burned on the surface; to be dried up; to cycle or drive furiously; an act of scorching; damage or an injury by scorching.. جلائڻ، چراڻ، جهلسڻ، سڙڻ، تپاهہ ڪرڻ، سوزش، جلد ساڙڻ، چرڻ، ساڙبيماري، لهسڻ، لاهڻ، لهس ڏيڻ، لاسڻ، ساڙي جلائي رکڻ، سڙي وڃڻ، گرميءَ يا باهہ رستي ساڙڻ، ڳري وڃڻ، توڪ بازي ڪرڻ، توڪن سان (اندر) ساڙڻ، خشڪ ٿيڻ، گرمي يا تَوَ سان خشڪ ڪرڻ، تيز هلائڻ، ڊوڙائڻ، ساڙڻ جو عمل، تکي اُس جو ساڙ.

scorch[2] (اسڪارچ) **vt** to slash. ڏک سان، وڏا ٽڪرا چيرڻ، ڪيرائڻ.

scorcher (اسڪارچر) **n** one who or thing which scorches; a day of scorching heat; something remarkable; to anything stinging or caustic.. ساڙڻ وارو، ساڙيندڙ، خشڪ ڪندڙ گرمي يا تَوَ، ڪا خاص يا سڄي شيءِ، ساڙيندڙ، يا ڏنگيندڙ مادو.

scordato (اسڪارڊاٽو) **adj** put out of tune. آواز، سُر، تال مان ڪڍڻ.

scordatura (اسڪارڊاٽورا) **n** a temporary departure from the normal tuning of a stringed instrument (Ital). تنهن ساز جو عام آواز کان مختلف آواز ڏيڻ.

score (اسڪور- اسڪار) **n, vt & vi.** a notch, gash, or scratch; an incised line; a boldly drawn line, esp one marking a deletion; a line marking a boundary or defined line marking a boundary, starting-place, or defined position; an arrangement of music on a number of staves; a composition so distributed; music for a film, television or radio play or the music and songs for a stage or film musical; a notch in a tally; account of charges incurred; a debt incurred; a reckoning, account a grievance, grudge; the full total; an addition made thereto; the result of a test or examination; applied also to an indefinitely large number; twenty or twenty-one pounds in weight; a distance of twenty paces; a fixed number (20 to 26) of tubs of coal; to make as a score; to add to a score; to achieve; to enumerate; to record; to mark; to rebuke or criticize harshly; to make a point; to achieve a success; to be worth a certain number of points. خط، لڪير، نشان، ڪاڇو، ڏنو، سبب، خاطر، ڏاري، نشان باز، ڪاٽڻ پيڻ جو حساب.

ليکو، لکت، کٽت، وجهه، لحاظ، ڪامياب ٿيڻ، فائدو حاصل ڪرڻ، ڪرڪيٽ ۾ ڊوڙن جو حساب، رائد جو حساب، (الهيءَ) سبب، ويهه ڪوڙي (انگ)، ڪٽڻ، ليڪ ڪيرڻ، حساب ميسارڻ، حد يا سرحد جو نشان، شروع يا ختم ڪرڻ جي حد، موسيقيءَ جي لکت جو حساب، فلم يا ريڊيو ۽ ٽيليويزن لاءِ تيار ڪيل گانا، امتحان يا چڪاس جو نتيجو، ڪنيل مارڪون، ڳڻپ، تڪليف، شڪايت، ڏک، گلا، ميار، مڪمل جمع، ڪل جمع ٿيل رقم، ويهه پائونڊ وزن جو ماڻ، ڳڻڻ، ليکو چوکو ڪرڻ، درج ڪرڻ، نشان لڳائڻ، جوڙڻ، حاصل ڪرڻ، تنقيد ڪرڻ، لوڪ ڪرڻ، چنڊ پٽڻ، ڪاميابي ماڻڻ، مارڪون کٽڻ، وڌيڪ مارڪون حاصل ڪرڻ، ڪنهن خاص انگ تي پهچڻ.

scoreboard or **scoring-board** (اسڪور بورڊ) **n** a board on which the score is exhibited, as at cricket. اهو بورڊ جنهن تي اسڪور يا ڳڻپ ڏيکارجي.

scorecard, scoring-card or **scoresheet** (اسڪور ڪارڊ شيٽ) **n** a card or sheet, for recording the score in a game. ڪارڊ يا پنو جنهن تي اسڪور، حساب يا ڳڻپ لکجي.

scoredraw (اسڪور ڊرا) **n** (esp football) a result in which both teams have scored an equal number of points. اها ميچ يا مقابلو جنهن ۾ ٻه ٽيمون هڪ جيترا گول ڪن يا نمبر کڻن.

score line (اسڪور لائين) **n** a score in a match, etc. مقابلي جو اسڪور.

scorer (اسڪورر) **n** one who or thing that scores; someone who keeps the mark in a game. نشان لڳائڻ جو آلو، وڻ تي نشان لڳائڻ وارو، ڳڻيندڙ، حساب رکندڙ.

scoria (اسڪاريا) **n** cinder; dross or slag from metal-smelting; a piece of lava with steam-holes. ڌاتوءَ جو ميل، فضلو، ڌات، ڌاتي، ٻرندڙ جبل جي رک.

scorification (اسڪاريفڪيشن) **n** reduction to scoria; assaying by fusing with lead and borax. خاڪ ڪندڙ، رک ڪندڙ، تپائيندڙ، ميل ڪشي، تپش، مَٽَ، غير ملائڻ.

scorifier (اسڪاريفير) **n** a dish used in assaying. چڪاس، امتحان ۾ استعمال ٿيندڙ ٿانءُ.

scorify (اسڪاريفاءِ) **vt** to reduce to dross or scoria; to rid metals of impurities by forming scoria. ساڙي خاڪ ڪرڻ، تاءُ ڏيڻ، ڪچي لوهه کي رجائڻ، رک ڪرڻ، ٻاري ڀسم ڪرڻ.

scoring (اسڪورنگ) **n** the act of scoring; orchestration. ڳائڻ وڄائڻ واري ٽولي، ساڙڻ جو ڪم، ساڙي ختم ڪرڻ جو عمل، باهه ۾ ساڙڻ جو عمل.

scorn (اسڪارن - اسڪورن) **n, vt. & vi.** hot or extreme contempt; subject of contempt; an expression, or the object of contempt; to feel or express scorn for; to refuse with scorn; to make a mock of; to scoff. حقارت، نفرت، بيزاري، ذليل سمجهڻ، برو خيال ڪرڻ، ڌڪارڻ، حقارت ڪرڻ، ڇٿ ڦٽ ڪرڻ، نفرت يا بيزاريءَ جو اظهار ڪرڻ، ٺٺول ڪرڻ.

scornful (اسڪورنفل) **adj.** filled with or expressing scorn; contemptuous. ٺٺڪاري، ڌڪاري، ڌڪار جو، ڌڪار جوڳو، نفرت لائق، اپماني، ڌڪار ڀريو.

scorodite (اسڪوروڊائيٽ) **n** an orthorhombic hydrated arsenate of iron and aluminium. معدني مادو.

scorpaenid (اسڪورپينڊ) **n** a member of the genus Scorpaena or family, spiny-finned marine fish with large armoured heads, incl the scorpion fish and rock fish. وڇون، وڇونءَ جي جنس جو جيت، ڇلرن وارين مڇين جون جنسون، وڇونءَ صورت مڇي.

Scorpio (اسڪارپيو) **n** a constellation (the Scorpion) between Libra and Sagittarius; a sign of the zodiac; a person born between 14 Oct and 22 Nov, under the sign of Scorpio. برج عقرب، برڇڪ، برج وڇون، عقرب، ورشڪ راس.

scorpioid (اسڪار پيوڊ) **adj. & n.** like a scorpion, or a scorpion's curled tail; a cincinnus or cicnnus, an inflorescence in which the plane of each daughter axis is at right angles, to right and left alternately, with its parent axis, that of the whole coiled in bud (Gr). عقربي گل، وڇونءَ جي پڇ جهڙو، وڇونءَ نما، گل عقربي، وڇونءَ شڪل گل.

scorpion (اسڪارپين) **n** any arachnid animal of the genus with head and thorax united, pincers, four pairs of legs, and a segmented abdomen incl a tail with a venomous sting; a form of barbed scourge; an old contraption for hurling stones, a ballista; any person of virulent hatred or animosity; the constellation and the sign Scorpio. وڇون، عقرب چهبڪ جنهن ۾ ڪوڪا لڳل هجن، پٿون، چپيندڙ لوهي تار، منجنيق جهڙو پٿر اڇلائڻ وارو هٿيار، ڪيني پرور انسان، دشمني رکندڙ، برج عقرب.

scorpion fish (اسڪارپين فش) **n** any of the family scorpaenidae, having venomous spines on the fins. بحري وڇون، وڇونءَ صورت مڇي.

scorpion fly (اسڪارپين فلاءِ) **n** an insect of the order Mecoptera (from the males scorpion-like tail). وڇون مک، پڇ مان ڏنگ هڻندڙ مک جو قسم.

scorpion grass (اسڪارپين گراس) **n** another name for forget-me-not. فارگيٽ مي نات ٻوٽو، مون کي نظر انداز نه ڪيو ٻوٽي جو ٻيو نالو، گل وفا (ٻوٽو).

scorpion spider (اسڪارپين اسپائيڊر) **n** a whip scorpion. وڇونءَ نما ڪوريئڙو.

scorrendo (اسڪاريندو) **adj** (music) gliding (Ital). موسيقيءَ جي وڄت جو هڪ نمونو.

scorse[1] (اسڪورس) **vt** to chase (Ital). پنيان پوڻ. شڪار ڪرڻ.

scorse[2] (اسڪورس) **n, vt** and **vi** exchange; to exchange. ڦير ڦار ڪرڻ. بدلائڻ. مٽائڻ. مٽ سٽ ڪرڻ.

scorser (اسڪورسر) **n** someone who barters. اهو جيڪو ڦيرڦار ڪري، سودو ڪندڙ. ڏي وٺ ڪندڙ. مٽاسٽا ڪندڙ. شين سان شيون مٽائيندڙ.

scorzonera (اسڪورزنيرا) **n** a plant of the genus (black salsify) (Ital). ڪاري رنگ جي موريءَ وارو ٻوٽو.

Scot (سڪاٽ) **n** a native or inhabitant of Scotland; a member of a Gaelic-speaking people of Ireland. اسڪاٽلينڊ جو ماڻهو. گال ٻولي ڳالهائيندڙ قوم.

scot (اسڪاٽ) **n** a payment, esp a customary tax; a contribution; a share of a reckoning. محصول. ڏل. لڳان. ٽيڪس. خراج. حصو. (اپت مان) پتي.

Scotch (اسڪاچ) **n** pertaining to Scotland or the Scots; Scottish; a term used outside Scotland, and by many Scots; applied to products or supposed products of Scotland, esp whisky; having the character popularly attributed to a Scotsman, an excessive leaning towards defence of oneself and one's property; the Scots language; the Scots. اسڪاٽلينڊ جي ٻولي. اسڪاٽلينڊ جي پيداوار. اسڪاٽ شراب. پنهنجي ملڪيت تان جان ڏيڻ. اسڪاٽلينڊ وارن جون مختلف خوبيون. عادتون ۽ پيداوار.

scotch[1] (اسڪاچ) **vt & n** to score; to maim, to render harmless by crippling (without killing); to frustrate, put an end to; to quash; to gash; a line marked on the ground (as for hop-scotch). گهاءُ. زخمي ڪرڻ. نشان ڪرڻ. زخم. ٽڪو. ڪانچ. نشان. تراش. گهائڻ. ٽڪو ڏيڻ. وڍ وجهڻ. واڍوڙڻ. ٽنڊومنڊو ڪرڻ. (راند ۾) ليڪو. واڍوڙ. ڪپاٽ.

scotch[2] (اسڪاچ) **n & vt.** a strut, cut, wedge, block, to prevent turning or slipping, as of a wheel, gate, ladder; to stop or block; to frustrate (plans etc). گاڏيءَ جي ڦيٿي جي روڪ. گاڏي روڪ. اڏ. جهلو. ٽيڪ.

Scotch attorney (اسڪاچ اٽارني) **n** a climber that strangles trees. ول جيڪا وڻ کي ڪوڪهي وانگر ويڙهجي وڃي.

Scotch barley (اسڪاچ بارلي) **n** hulled barley. تهه يا ڇل لٿل جَوَ. ڇليل جَونَ جو اَن.

Scotch bluebell (اسڪاچ بليوبيل) **n** the harebell. نيرن گلن واري ول. جهنگلي سنبل (ٻوٽو).

Scotch bonnet (اسڪاچ بونيٽ) **n** a round flat blue woollen cap with a tuft on the top; the fairy-ring mushroom. سڌي گول نيري رنگ جي ٽوپي (جنهن جي چوٽيءَ تي ڦڦر هجي). ڇليدار ڪنييءَ جو قسم.

Scotch broth (اسڪاچ براٿ) **n** broth made with pearl barley, mutton or beef stock and plenty of various vegetables chopped small. شوروو. رسُ. گوشت ۽ جوَ پيل گهاٽي رَس واري ڀاڄي.

Scotch cart (اسڪاچ ڪارٽ) **n** a strong, springless, two-wheeled uncovered farm cart with one shaft. ٻن ڦيٿن واري بنا ڍڪ جي بيل گاڏي. عام بيل گاڏي. گڏهه گاڏو. ڇڪڙو.

Scotch cuddy (اسڪاٽ ڪڊي) **n** a Scotch draper. اسڪاٽلينڊ جو ڪوري. بزاز.

Scotch curlies (اسڪاچ ڪرليز) **n** a variety of kale. گوبيءَ جي جنس جي هڪ ڀاڄي.

Scotch draper (اسڪاچ ڊريپر) **n** an itinerant dealer differing from a pedlar in not carrying his goods about with him; a credit itinerant draper. ڪپڙي جو اسڪاٽ واپاري. ڪوري. بزاز. گهورڙيو. گهمي ڦري مال نيڪال ڪندڙ.

Scotch egg (اسڪاچ ايگ) **n** a hard-boiled egg (often cut in two) enclosed in sausage-meat and covered with bread crumbs. سخت اوٻاريل بيضو. سخت اوٻاريل يا مڪمل طور اوٻاريل بيضي جو ڪوفتو.

Scotch elm (اسڪاچ ايلم) **n** the wych-elm; sometimes the common English elm. ميجيءَ جو قسم.

Scotch fiddle (اسڪاچ فڊل) **n** scabies (from the movements of the fingers when scratching). خارش. ڪجلي. ڪرنڊ. گر. مَرُ. چمڙيءَ جو مرض.

Scotch fir (اسڪاچ فر) **n** Scots pine. صنوبر (وڻ).

Scotch hand (اسڪاچ هنڊ) **n** a wooden bat for manipulating butter. مکڻ ملائڻ لاءِ لڪڙيءَ جي بيٽ يا ٽاڦو. ڪاٺ جي ٽاڦي.

Scotch kale (اسڪاچ ڪيل) **n** a variety of kale. اسڪاٽلينڊ جي گوبيءَ جي جنس.

Scotchman (اسڪاچ مئن) **n** a native of Scotland; a Scotsman; a florin. اسڪاٽلينڊ جو ماڻهو. سونو سڪو.

Scotch mist (اسڪاچ مسٽ) **n** a fine rain; something insubstantial, a phantom. سنهيءَ ڦڙيءَ واري بارش. هلڪي يا سنهي بارش. ڀوت. خيال. خيالي صورت. ڦرلو. ديو. جن. اجگر.

Scotch pancake (اسڪاچ پينڪيڪ) **n** a drop-scone. اسڪاٽ جو هڪ ڪيڪ. روٽ.

Scotch pebble (اسڪاچ پيبل) **n** an agate or similar stone. سنگ سليماني. عقيق پٿر.

Scotch pine (اسڪاچ پائين) **n** Scots pine. صنوبر (وڻ).

Scotch rose (اسڪاچ روز) n the burnet rose.گلاب جو هڪ قسم.

Scotch snap (اسڪاچ سنئپ) n a Scotch catch.جهپڻ، جهٽ هٽڻ، جهپ هڻڻ.

Scotch tape ® (اسڪاچ ٽيپ) n a transparent tape, adhering to paper when pressure is applied.صاف يا شفاف ٽيپ يا پٽي.

Scotch terrier (اسڪاچ ٽيريئر) n a rough-haired, prick-eared, strongly-built little dog. ننڍڙو شڪاري ڪتو.

Scotch thistle (اسڪاچ ٿسل) n the cotton thistle, national emblem of Scotland (not native)..ڪانڊيرو، ڪَنڊن وارو، اسڪاٽلينڊ جو قومي نشان.

Scotch verdict (اسڪاچ ورڊڪٽ) n not proven..اڻ ثابت، جيڪو ثابت ٿيل نہ هجي.

Scotch woman (اسڪاچ وومن) n a Scotswoman. اسڪاٽلينڊ جي عورت.

Scotch woodcock (اسڪاچ وڊڪاڪ) n scrambled eggs and anchovies on toast. بيضن جو مصالحو پيل آمليٽ.

scoter (اسڪوٽر) n any of several northern sea ducks of the genus Melanitta, with black or mainly black plumage in the male.اترئين سمنڊ جون بدڪون، جنس بدڪ سياهہ، ڪاري جهالي بدڪ جنس، ساموندي جهالي بد.

scot-free (اسڪاٽ فري) adj free from payment of scot, untaxed; entirely free from expense, injury, penalty, punishment.مفت، بي ضرر، بي داغ، بي محصول، مفت ۾ ڇٽي وڃڻ، بنا ڏنڊ جي ڇڏڻ، بي رائڪو، بنا ڏنڊ ڏوهہ جي.

Scotia (اسڪوشيا) n Scotland. اسڪاٽلينڊ.

scotia (اسڪاٽيا) n a hollow concave moulding, esp at the base of a column (Gr).ٿل يا ٿنڀ جي پيــر جي هڪ بيهڪ، پائي جي بنيادي بيهڪ.

Scotic (اسڪاٽڪ) adj denoting the branch of English spoken in Scotland; relating to the ancient Scots, incomers from Ireland. انگريزي ٻوليءَ جي هڪ شـــاخ ڳالهائيندڙ اسڪاٽلينڊ جا ماڻهو.

Scotland (اسڪاٽلينڊ) n the country forming the northern member of the United Kingdom; Ireland. اسڪاٽلينڊ ملڪ، برطانيہ جي گڏيل بادشاهت ۾ شامل ملڪي حصو.

Scotlandite (اسڪاٽلينڊائيٽ) n naturally-occurring lead sulphite, first identified in Lanarkshire, Scotland. شيهي جو ڪچو ڌاتو.

Scotland Yard (سڪاٽلينڊ يارڊ) n the headquarters of the Metropolitan Police; hence, the London Criminal Investigation Department.لنڊن جي پوليس کاتي جو مرڪزي دفتر، لنڊن جو سي آءِ ڊي کاتو.

Scoto- (اسڪاٽو) combining form : denoting Scotland and the Scots or a Scottish element combined with another. اسڪاٽ، اسڪاٽلينڊ، اسڪاٽ ۽ انهن لاڳو.

scotodinia (اسڪاٽوڊنيا) n dizziness with headache and impairment of vision..دوران سر، چڪر، ڦيري، مٿي ۾ سور، نظر جي ڪمزوري، مٿي جو چڪر، مٿي ڦيري، نظر جو ڏنڌلوپڻ

scotoma (اسڪاٽوما) n pl. an area of abnormal or absent vision within the visual field; a blind spot due to disease of the retina or optic nerve.(اک جو) ڪارو داغ، اک جي اڳيان ڪارا داغ اچڻ.

scotometer (اسڪاٽوميٽر) n an instrument for identifying defects in the visual field..(اک جو) ڪاري داغ پيما، نظر جي چڪاس جو هڪ اوزار.

scotomia and scotomy (اسڪاٽوميا آر اسڪاٽومي) n scotoma, dizziness accompanied by dimness of vision. ڦيري ۽ ڏنڌلاڻ جو گڏيل مرض.

scotopia (اسڪاٽوپيا) n vision in a dim light..مٿالي بصيرت، نميل روشنيءَ ۾ بہ چڱيءَ طرح ڏسڻ.

Scots (اسڪاٽس) adj Scottish (always used for money, measure, law and language); any of the varieties of the Northern branch of English spoken in Scotland.اسڪاٽن جو، اسڪاٽلينڊ جي زبان ۾، اسڪاٽلينڊ ۾ ڳالهائي ويندڙ انگريزي ٻوليءَ جو اتريون لهجو.

Scots fir (اسڪاٽس فر) n Scots pine. صنوبر (وڻ).

Scots pine (اسڪاٽ پائين) n the only native British pine. برطانيہ جو مقامي صنوبر ٻوٽو.

Scottice or Scotice (اسڪاٽائيس) adv in Scottish manner or language.اسڪاٽن جي طريقي مطابق، اسڪاٽن جي ٻولي يا انگريزي ٻوليءَ جو اسڪاٽ لهجو، اترادي انگريزي ٻولي.

Scotticism or Scoticism (اسڪاٽسزم) n a Scottish idiom; Scottish feeling. اسڪاٽلينڊ جو محاورو يا مزاج.

Scotticize (-ise) (اسڪاٽ سائيز) vt to render scottish; to put into scots.عادتون، معاشرت ۽ ٻوليءَ ۾ اسڪاٽلينڊ جي پيروي ڪرڻ.

Scottify or Scoptify (اسڪاٽيفاءِ) vt to make Scottish. اسڪاٽلينڊ جي طرز تي آڻڻ.

Scottish (اسڪاٽش) adj. n, & vt of Scotland and the Scots; the English spoken in Scotland; the Scots collectively; to put into the Scottish tongueاسڪاٽلينڊ جي باشندن جو گڏيل نالو، اتان جي ٻولي، اترادي انگريزي ٻولي.

scoundrel (اسڪائونڊرل) n a mean, worthless fellow; an unprincipled or villainous person..بدمعاش، لچو، غنڊو، بد ذات، چَرتو، ڪميڻو، اوباش، لفنگو.

scoup or scowp (اسڪائوپ) vi. to bound; to caper; to scamper.ٽپــا ڏيڻ، ڪڏ ڏيڻ، ٻڪـــريءَ جي ڦـــر واري هلت ڪرڻ، ڊوڙڻ، تڪڙو ڀڄڻ، فرحت ڪري نہ وهڻ.

scour[1] **(اسڪائور) vt, vi & n.** to clean, polish, remove, or form by rubbing; to purge violently; to scrub; to cleanse; to free from grease, dirt, or gum; to flush or cleanse by a a current; to clear out; to punish; to scrub and polish; to serve or act as a purgative; (of livestock) to have diarrhoea; the action, place or means of scouring; diarrhoea in cattle; a swig of liquor.ڌوئي صاف ڪرڻ، مهٽڻ، ملڻ، پالش ڪرڻ، مانجڻ، چمڪائڻ، (بت) مهٽي صاف ڪرڻ، (باسڻ) ڌوئي مَلي صاف ڪرڻ، (ڪپڙا) ڌوئڻ، گند ڪچرو ڪڍي صاف ڪرڻ، مهٽي لاهڻ، رڱڙڻ، پيٽ وهڻ، دست وهڻ، جلاب ڏئي پيٽ صاف ڪرڻ.

scour[2] **(اسڪائور) vi & vt.** to rush or scurry along; to range about, esp in quest or pursuit; to range over or traverse swiftly, vigorously, riotously, or in pursuit; to search thoroughly..ڊوڙڻ، ڀڄڻ، تعاقب ۾ ڊوڙڻ، (ميدان جو) جهٽ چڪر ڏيئي اچڻ، پير کڻڻ، تکڙو تکڙو ٻويان پوڻ.

scourer[1] **(اسڪائورر) n** a scout.مخبر، جاسوس، خبر گير، دشمن، لوٽو، گهومو.

scourer[2] **(اسڪائورر) n** one who scours; an instrument or container for scouring; a cathartic.مانجڻ وارو مهٽڻ وارو، صاف ڪرڻ وارو، صفائي ڪرڻ وارو، ماجيندڙ، ڌوئيندڙ، سخت جلاب.

scourer[3] or **scowrer (اسڪائورر) n** a member of a roistering band that scoured the streets, maltreating watchmen and others..بد سلوڪ، بد معاشن جي ٽولي جو، لوفرن جو جٿو ۽ انهن جو ساٿي.

scourge (اسڪرج) n, vt. a lash, a whip; an instrument of divine punishment; a cause of widespread affliction; to whip severely; to afflict..ڦٽڪو، چهبڪ لڪڙ، آفت، قمچي، قهر خدائي، سزا، غضب خدائي، ڦٽڪا هڻڻ، سزا ڏيڻ، جبر ڪرڻ، تعدي ڪرڻ، ڦٽڪن سان ڪٽڻ، ڦٽڪن جي سزا ڏيڻ، غضب نازل ٿيڻ، بيماريءَ يا جزا ۾ ولجڻ.

scouring (اسڪائورنگ) n scrubbing; vigorous cleansing; clearing; erosion; purging; matter removed or accumulated by scouring. صفائي، مهٽ سهٽ، زور سان يا گهڻو صاف ڪرڻ، ڪاڙ، تيز ڪٽاءُ، زمين جو ڌوپ، جلاب، جلاب سان صفائي، دست، دست ٿيڻ.

scouring rush (اسڪائرنگ رش) n any of several horsetails or other plants whose rough stems were formerly used for scouring.ٻوٽن جا قسم جيڪي صفائيءَ ۽ جلاب طور ڪم ايندا آهن.

scouring stick (اسڪائرنگ اسٽڪ) n a rod for scouring a gun. بندوق جي نالي صاف ڪرڻ واري ڏنڊي يا سيخ.

Scouse (اسڪائوس) n a native or inhabitant of Liverpool; the northern English dialect spoken in and around Liverpool; a stew of hash, often made with meat scraps..لورپول شهر ۽ علائقي جو رهاڪو، اترادي انگريز، اترادي انگريزي ٻولي، گوشت جي ٽڪرن جي ڀاڄي، گوشت جوبوڙ.

scout[1] **(اسڪائوٽ) n** watch, spying; someone or a party, sent out to reconnoitre or bring in information; a (military) spy; a member of the scout association; a patrolman on the roads; a person who watches or attends at a little distance; a fielder, as in cricket; a person; a person who seeks out new recruits, sales opportunities; a ship for reconnoitring; a small light aeroplane intended for reconnaissance; a light armoured car for reconnaissance; a college servant (esp at Oxford); to watch closely; to act the scout; to reconnoitre..مخبر، جاسوس، خبر گير، تلاش، چارالڻ، جستجو، کوج، جاسوسي، بحري جهاز، چاري، اسڪائوٽ تنظيم جو رڪن، ٻارن جي هڪ گڏيل سماجي تنظيم ۽ ان جو رڪن، دشمن، آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جو ملازم، پهرو ڏيڻ، جاسوسي ڪرڻ، تڪيندو رهڻ، هلڪي فوجي گاڏي، نظر رکڻ، خبر گيري ڪرڻ.

scout[2] **(اسڪائوٽ) vt** to mock, flout; to dismiss or reject with disdain. (رد) ڪلي رد ڪرڻ، چيڙائڻ، مذاق ڪرڻ.

scouter (اسڪائوٽر) n an adult working with instructors in the scout association.اسڪائوٽن سان تربيت ڏيندڙ گڏ رهندڙ بالغ ماڻهو.

scout-craft (اسڪائوٽ ڪرافٽ) n the knowledge and skill proper to a scout.اسڪائوٽ جي لاءِ ضروري ۽ مکيه شين جي ڄاڻ.

scouth or **scowth (اسڪائوٿ يا سڪوٿ) n** free range; scope; plenty..کليل ميدان، واڪي جاءِ، گنجائش، وسعت، حدود، دائرو، اهميت، مقصد.

scouther, scowther or **scowder (اسڪائوڌر- ڊر) vt, vi** to scorch, singe; to overheat; to toast slightly; to blight; to drizzle; to threaten to rain or snow; a scorch or burn; a slight or flying shower..ساڙڻ، سيڪڻ، ساڙي ڀڃائڻ، لهسڻ، وسڻ، هلڪي بارش، بارش ۽ برف باريءَ جو امڪان، ڏيڻ، هلڪي بارش جو جهٽڪو.

scouthering, scowdering (اسڪائوڌرنگ) adj scorching, blighting; a scorching, blighting; a sprinkle or snow..ساڙيندڙ، لهسائيندڙ، ڏڀيندڙ، تيز اس، سج جي تيز گرمي، اس جي تيزي، هلڪي بارش يا برف باري.

scout-law (اسڪائوٽ لا) n the code of rules of the scout association. اسڪائوٽن جي لاءِ مقرر قاعدا ۽ قانون.

scout master (اسڪائوٽ ماسٽر) n the leader of a troop of boy scouts, a scouter. اسڪائوٽ جماعت جو قائد.

scout's pace (اسڪائوٽس پيس) **n** alternately walking and running for a set number of paces. دوڙڻ ۽ پنڌ ڪرڻ جو عمل. ڪجهه قدر دوڙڻ، ڪجهه پنڌ ڪرڻ.

scow (اسڪائو) **n** a flat-bottomed boat, esp a barge, or a sailing yacht (Du). لسي تري واري ٻيڙي، سڌي تري واري ٻيڙي، ٻولڊي ٻيڙي.

scowl (اسڪائول) **vi, n.** to contract the brows in a malevolent and menacing look; to frown; to look gloomy and threatening; a deep angry frown; a scowling look. لسي تري، گهنڊ پائڻ، گهور ڪرڻ، بدمزاجي، منهن سجائڻ، شوڪڻ، سونڊ پائڻ، اک ڏيکارڻ، سوڻ، سونڊ.

scrab (اسڪرئب) **vt.** to scratch. کرڙڻ، رهڙڻ، مهڻ، گسائڻ.

scrabble (اسڪرئبل) **vt, vi. & n** to scratch; to scrape; to scrawl; to scramble; a scrawl. رهڙڻ، لينگها پائڻ، ڪني لکڻي، کرڙڻ، مکيون مارڻ، هٿوراڙيون هڻڻ، جهوتيون ڏيڻ.

Scrabble ® (اسڪربيل) **n** a word-building game. لفظن ناهڻ جي راند. اسڪربيل راند.

scrag[1] (اسڪرئگ) **n & vt.** a sheep's or human neck; the bony part of the neck; a lean person or animal; to hang; to throttle; to wring the neck of; to grab by the neck. سالهوءَ يا رڍ جي ڪِچي، ڪِچيءَ جو هڏائون حصو. ريڍي ڪِچي، ريڍو ڪنڌ، سنهون يا سڪل جانور، گهوگهو ڏيڻ، گهٽو ڏيڻ، ڪنڌ مروڙڻ، منڍيءَ کان پڪڙڻ، ڪنڌ ۾ هٿ وجهڻ.

scrag[2] (اسڪرئگ) **n** a stump; a rough projection. سڪل شيءِ، هڏيءَ وارو گوشت، السالي گردن، ڏيڻ، ٻاهرتي نڪتل کهري بيهڪ.

scraggling, scraggly or scraggy (اسڪرئگلنگ- اسڪرئگلي- اسڪرئگي) **adj** rough or rugged; scragged; lean and bony; irregular, unkempt, straggling. سڪل، مريل، بيڊول، ڏنگو، گدلو، ڪنو، ادلو گدلو، چٽا چڙيل، ويڇائتو، پرالهون، ڏورانهون.

scrag-whale (اسڪرئگ وهيل) **n** a whale with a knobbed back; hump backed whale. پٺي نڪتل جنس واري وهيل مڇي، ڪبڙي وهيل مڇي.

scraich or scraigh (اسڪريچ) **vi & n.** to screech; to make a scratchy sound; a screech; a scratchy sound. ڪوڪڻ، رڙڻ، ريهه ڪرڻ، بريڪ جي آواز جهڙو آواز ڪڍڻ، کرڙڻ جو آواز، گسائڻ يا مهڻ جو آواز . چيڪٽ.

scram[1] (اسڪرئم) **vi** to be off. ڀڄي وڃڻ، هليو وڃڻ، نڪري وڃڻ، کسڪي وڃڻ.

scram[2] (اسڪرئم) **adj** puny; withered; to benumb; to paralyse; to shut down (a nuclear reactor), esp in an emergency; an emergency shut-down of a nuclear reactor. ڪِريل، سڪل، ڪومايل، ڪومائل، مرجهايل، سن ٿيل، سالو، اڌرنگي وانگر، چرپر کان روڪڻ. (جوهري بجلي گهر بند ڪرڻ، بجلي گهر بند ڪرڻ جو عمل.

scram[3] **or scramb** (اسڪرئم) **vt** to scratch with claws or nails. ننهن سان کوٽڻ، رهڙڻ، مهڻ، کرڙڻ، کرچڻ.

scramble (اسڪرئمبل) **vi, vt. & n.** to make one's way with disorderly struggling haste; to move or climb on all-fours; to get along somehow; to clamber; to climb or grow upwards over a vertical surface; to dash or struggle for what one can get before others; (of a military aircraft or its crew) to take off immediately, as in an emergency; to put, make, get or push together in a rough hasty manner; to change the frequency of a transmission so that it can be made intelligible only by means of an electronic decoding device; to beat eggs up and heat to thickness with milk, butter; a disorderly performance. ٻانبڙا پائڻ، پيٽ ڀر ريڙهيون ڏيڻ، جدوجهد ڪرڻ، ڪشمڪش، عمودي چڙهائي، ڀولڙو تي چڙهڻ، کسرڻ، جهپا پائڻ، اجهڙڻ، هٿين پوڻ، جهٽ هڻڻ، متي چڙهڻ، ٻين کان اڳ پهچڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ، جانفشانيءَ کان ڪم وٺڻ، تکڙو نڪري وڃڻ، اوچتو هليو وڃڻ، اڳتي زور لائڻ، ڌڪڻ، ڌڪي اڳتي وڌڻ، ريڊيو جي سٽيءَ کي هيڏي هوڏي ڦيرائڻ، بيضن کي ڦيني ملائڻ، کير يا ملائي وجهي گهاٽو ڪرڻ، افراتفري.

scrambled eggs (اسڪرئمبلڊ ايگس) **n** eggs cooked after beating up and heating to thickness with milk and butter; the gold braid on a military officer's cap. آمليٽ وانگر ڦيٽيل يا ملايل بيضو، مکڻ يا ملائيءَ سان گڏ ملايل بيضو، فوجي آفيسر جي ٽوپيءَ تي لڳل سونهري نشان.

scrambler (اسڪرئمبلر) **n** a person who, or that which, scrambles, esp a telephone device; participation in mortorcycle scrambles. ملائيندڙ، ڦيٽيندڙ، گڏيندڙ، فون جي نظام کي درست ڪندڙ ڪارڪن، موٽر سائيڪلن جي مقابلي ۾ حصو وٺندڙ.

scramjet (اسڪرئمجيٽ) **n** a jet engine in which compressed air drawn into the engine via turbo fans mixes with fuel to improve combustion at a supersonic speed. جيٽ انجڻ جي هلڻ ۾ قوت ڏيڻ جو نظام.

scran (اسڪرئن) **n** food, provisions. کاڌو، کائڻ واريون شيون، راشن، ضروري استعمال جون شيون.

scranch (اسڪرئنچ) **vt** to crunch. چاب ڏيڻ، چپڪو ڪري کائڻ، ڪٽر ڪٽر ڪري کائڻ، چباڙڻ، ڏاڙن سان کائڻ.

scrannel (اسڪرئنل) **adj** slight; slender; thin; meagre; squeaking; grating, scratchy سنهو، معمولي، ڏٻرو، چيڪٽ ڪندڙ، ڪنجهندڙ، کهندڙ، کرڙيندڙ، کرڙڻ وارو.

scranny (اسڪرئني) **adj** thin, scrawny. ڏٻرو، ڪمزور مريل، ڪتل، ضعيف.

scrap[1] (اسڪرئپ) **n & adj.** a small piece or fragment; a piece of left-over food; a remnant; a cut-out picture, newspaper cutting or the like, intended or suited for preservation in a scrapbook; residue after extraction of oil from blubber, fish; metal clippings or other waste; anything discarded as worn-out, out of date, or useless; consisting of, or of the value of scrap; to consign to the scrapheap; to discard, cease to use, do away with, abandon..پرزو، ٽڪرو، ذرو، ردي، ڪن، ريزو، ڪتر، چل، ڪنو، ڪني، ريزه دهي، ڪترڻ، ڦوڳ، ٽئل شيون، ردي لوهه، ناڪاره شيون، اخبار جون ڪٽيل ٽڪريون، بچتو حصو، پور، ٽڪرائو، رهيو ڪيو، بچت، رهت ڪهت، اخبار مان ڪٽيل تراشو، تصوير، ٽڪرا ٽوٽا هڪ هنڌ رکڻ وارو ڪتاب، مڇيءَ جو ڳند، لوهي ڪچرو.

scrap[2] (اسڪرئپ) **n.** a fight, usu physical; a battle. جنگ، مقابلو، جهيڙو، هٿين ٻوڻ، سٽ ڪٽ لائڻ.

scrap book (اسڪرئپ بڪ) **n** a blank book for preserving or pasting in scraps, cuttings.خالي ڪتاب يا ڪاپي جنهن ۾ اخبارن جا ٽڪر هڻجن.

scrape (اسڪريپ) **vt, vi & n.** to rub with something hard; to press a sharp edge over; to move with a grating sound over; to smooth, clean, clear, reduce in thickness, abrade, graze, remove, form, collect, bring, render, by such an action; to get together, collect by laborious effort; to erase; contemptuously, to play; to graze; to scratch the ground; to grate; to make a grating sound; to draw back the foot in making a bow; to play the fiddle; to save as much as possible, enduring hardship thereby; to get with difficulty; an act, process, or period of scraping; a stroke of a violin, bow; a grating sound; a stroke of pen; a scraped place in the ground; a graze or abrasion on the skin; a shave; a mass of earth scraped up, by a rabbit; a backward movement of one foot accompanying a bow; scraping or thin layer; thin-spread butter or margarine; a fight or other conflict; a predicament; a fight or other conflict; a predicament that threatens disgrace or friction with authority.ڪرڙڻ، ڪرڙي چلهڻ، ڪپڻ، ڪوتڻ، رهڙڻ، داغ مٽائڻ، ناگوار موقعو، ناهمواري دور ڪرڻ، ڳهرڙڻ، چيپائڻ، ڪرڙي ڪڍڻ، ٽوٽي ٽڪري ميڙڻ، ٿالهي اگهي اٿڻ، جمع ڪرڻ، ڪرڙو، لسو ڪرڻ، گسائي يا ڪرڙي صاف ڪرڻ، ڳڏ ڪرڻ، ميڙڻ، محنت سان ڪٺو ڪرڻ، صاف ڪرڻ، گهٽ ڪري سمجهڻ، هلڪڙائيءَ ڪان ڪم وٺڻ، زمين کي صاف ڪرڻ، ڪرڙڻ جو آواز ڪڍڻ، تير اڇلائڻ لاءِ تيار ٿي بيهڻ، بچت ڪرڻ، ساز کي جهلڪي وانگر وڄائڻ، پين جو گهڪو، صاف ڪيل زمين، ليڪ، گهڪي جو نشان، تير اڇلائڻ مهل هڪ پير اڳتي ۽ ٻيو پوئتي ڪري بيهڻ جو عمل، سنهي چل لاهڻ، کل لاهڻ، جهيڙو، ڦلو، ڪشمڪش، بري حالت، اختيار وارن سان چپلقش.

scraper (اسڪريپر) **n** one who scrapes; a scraping tool, instrument or machine; a fiddler; a barber; used to denote birds of the order Rasores, that scrape or scratch the ground..ڪرڙو، ڪرچڻ وارو، ڪرڙيندڙ، ڪنجوس، رهڙو، ڪرپو، رنبو، ڪرپي، رنبي، ڪرچي، ڪپڻ، مٽي ڪرڙيندڙ اوزار، مانيءَ وراڻي، ورڻي، ڪولي، حجام، سرندو وڄائيندڙ.

scraper board (اسڪريپر بورڊ) **n** a clay-surface board on which drawings can be made by scraping tints off as well as applying them; such a drawing; this method of making drawings.چيڪي مٽيءَ جي سطح جنهن تي ڪوئائي ڪري ڪوئي نقش چٽجي.

scraper ring (اسڪريپر رنگ) **n** a ring fitted on the skirt of a petrol or oil-engine piston to prevent excessive oil consumption.موٽر گاڏيءَ جي انجڻ وٽ لڳڻ وارو هڪ پرزو جنهن رستي پيٽرول جي کپت گهٽائي سگهجي.

scrap heap (اسڪرئپ هيپ) **n** a place where old iron or useless material is collected; a rubbish-heap.بيڪار شين جو ڍير، ردي ڪري اڇلايل شين جو ڍير، گند جو ڍير، پراڻي لوهي شين جو ڍير.

scrapie (اسڪريپي) **n** a degenerative viral disease affecting the central nervous system of sheep, characterized by acute itching, the animals rubbing against trees, to relieve it.زهري جيوڙي واري هڪ بيماري جنهن ۾ خاص ڪري رڍ جو مرڪزي تنتي نظام خراب ٿيندو آهي ۽ خارش تمام گهڻو تنگ ڪندي آهي ۽ جانور پاڻ کي وڻن ۽ پٿرن سان گسائيندو رهندو آهي.

scrap iron or scrap metal (اسڪرئپ آئرن ، ميٽل) **n** scraps of iron or other metal, of use only for remelting. لوهه جو ڍير، لوهي ٽڪرن ٽوٽن جو ڍڳ.

scrap-man, scrap merchant (اسڪرئپ مئن، مرچنٽ) **n** a person who deals in scrap metal.لوهي ٽڪرن جو واپاري، ڪن ڪچري جو واپار ڪندڙ، ڪباڙي.

scrapple (اسڪرئپل) **n** a type of meat loaf made with scraps of meat or minced meat, usu pork, cornmeal, seasonings, served sliced and fried.گوشت جي ٽڪرن سان پريل نان، قيمي واري ماني، قيمي جو اوڦراٽو.

scrap yard (اسڪرئپ يارڊ) **n** a scrap merchant's premises for the storing and processing of scrap metal. بيڪار لوهه جي شين کي هڪ هنڌ ڪٺي ڪرڻ واري جاءِ.

scrat (اسڪرئٽ) **vt and vi.** to scratch. ڪرڙڻ، چنبو هڻڻ، رهڙڻ، گسائڻ.

Scratch (اسڪرئچ) n the Devil. شيطان، جن، ڀوت، خناس عيار، خودسر، چالاڪ.

scratch (اسڪرئچ) **vt, vi & n.** to mark or wound with a sharp object; to draw a sharp point over the surface of; to hurt, render, seek, to relieve an itch in, by so doing; to dig or scrape with the claws; to write hurriedly; to erase or delete; to strike along a rough surface; to withdraw from a competition or engagement; to use the nails or claws to inflict injury, relieve an itch; to scrape; to make a grating or screechy noise; to retire from a contest or engagement; to get along somehow; an act, mark or sound of scratching; a slight wound or graze; a scrawl; a scratch-wig; cash or ready money; a disease in horses with the appearance of scratches on the pastern or ankle; improvised; casual; hastily or casually got together. پٽڻ، ڪرچڻ، چلڻ، ننهن هڻڻ، لينگها ڪڍڻ، چنبو هڻڻ، مٿو کنهڻ، تکڙ ۾ لکڻ، رهنڊڻ، لينگهو، ٺهنڊڻ، کنهڻ، ڪتڙڻ، رهڙڻ، ڏاهڻ، رهنڊ، کرڙ، رهنڊو، خراش، رهڙ، کرنڊ، زخمي ڪرڻ، خارش ڪرڻ، خارش ٿيڻ، ڏاهڻ، ميسڻ، ڪوڙڻ، ميسارڻ، مقابلي يا مئچ مان هٽ ڪڻ، دست بردار ٿيڻ، چٽ ڪرڻ، کنهڻ يا کرڙڻ وارو آواز پيدا ڪرڻ، جيئن تيئن گذارو ڪرڻ، گهوڙن جي هڪ بيماري.

scratch back (اسڪرئچ بيڪ) n a back-scratcher. چلڻ يا کنهڻ، پٺي کي کرڙڻ يا کنهڻ وارو اوزار.

scratch brush (اسڪرئچ برش) n a wire brush, used in gilding and polishing metal. تارن جو ٺهيل برش جيڪو لوهه کي پالش يا صفائيءَ لاءِ استعمال ٿئي.

scratch build (اسڪرئچ بلڊ) **vt.** to build models from raw materials, as opposed to constructing from kits or buying ready made. ڪچي سامان مان ٺاهيل ماڊل يا نمونو، هٿرادو نمونو.

scratch-coat (اسڪريچ ڪوٽ) n a first coat of plaster, scratched to provide a key for the second coat. پلاستر جو پهريون تهه جيڪو ٻئي تهه ڏيڻ لاءِ ڪيو وڃي.

scratcher (اسڪريچر) **n.** one who or that which scratches; a gallinaceous bird. رهڙيندڙ، جيڪو يا جيڪا رهڙي، رهنڊا هڻندڙ، کرڙيندڙ، مرغي آبي (پکي).

scratch pad (اسڪرئچ پيڊ) n a note-pad, jotter. ياداشت رکڻ جو ڪتاب يا ڪاپي.

scratch test (اسڪرئچ ٽيسٽ) n a test for allergy to a certain substance, made by introducing it to an area of skin that has been scratched.. الرجيءَ لاءِ ٽيسٽ، بدن جي ڪن شين کي برداشت ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جي چڪاس.

scratch wig (اسڪرئچ وگ) n a wig that covers only portion of the head. مصنوعي وارن جو ٽوپ جيڪو مٿي جو مخصوص حصو ڍڪي.

scratch work (اسڪريچ ورڪ) n sgraffito in plaster. ميناڪاري، ڇت ساليءَ جو ڪم، سيمينٽ لڳل مٿاڇري کي ڪوٽي گلڪاري يا نڪ جو ڪم ڪرڻ.

scratching (اسڪرئچنگ) n the act of manipulating a gramophone record so that it plays a repeated beat or section of music. فوني جي رڪارڊ کي ڪرڙي اهڙي تربيت ڏيڻ جو ساڳيو گيت يا موسيقي دهرائيندو رهي.

scratchy (اسڪرئچي) **adj** like scratches; uneven; ready or likely to scratch; irritable, bad tempered, tetchy; grating or screechy; itchy.. سرسري، معمولي، ڪردار ٿلهو، کرڙيندڙ، کنهندڙ، لکڻ وقت آواز ڪندڙ قلم، خارش ڪندڙ، خارش آور، رهڙيل.

scrattle (اسڪرٽل) **vi** to keep scratching to scuttle. کنهندو رهڻ، خارش کي گهٽائڻ خاطر کنهڻ جو عمل.

scraugh or **scrauch** (اسڪراهه) **n & vi.** a raucous squawk; to make a scraugh. تيز آواز. کرخت آوز ڪڍڻ، ڪڍڻ، چيڪ ڪرڻ.

scraw (اسڪرو) n a thin sod or turf. گاهه جي زمين، ڪرڪيٽ کيڏڻ وارو زمين جو قطعو.

scrawl (اسڪرال) **vt, vi, n.** to draw or write illegibly, carelessly; untidily or hastily; to scribble; untidy, illegible or bad writing; a letter, written thus; a small crab. (اکر). شڪستہ، بدخط، گهلجي هلڻ، جلديءَ ۾ لکيل (اکر) رهڙڻ، لينگها ڪڍڻ، رهڙي ولڻ، ڪنا اکر لکڻ، خراب هٿ اکر، ننڍو ڪيڪڙو.

scrawm (اسڪرام) **vt** to scratch. ڪوٺڻ، ڪرچڻ، کنهڻ، وغيره.

scrawny (اسڪراني) **adj** unhealthly thin, scraggy; sparse, meagre.. سڪل يا ڪٽل، ڪمزور، ٿلهو، معمولي، سڪل. (جانور) بناماس، هڏن تي کل، ڪمزور جانور.

scray or **scraye** (اسڪري) n the tern.. ساموندي ڪينو پکي، ڪينائي پکي، آبي ابابيل پکي، ننڍي ڪينا.

screak (اسڪريڪ) **v & n.** to screech; to creak; a screech; a creak.. اچانڪ رڙيون ڪرڻ، خوف مان رڙيون ڪرڻ، گسڪڻ يا رهڙڻ جو آواز، چيڪٽ جو آواز، چيڪٽ ڪرڻ، چرڙاٽ ڪرڻ.

scream (اسڪريم) **vt, vi & n.** to shriek; to cry out in a loud shrill voice, as in fear or pain; to utter a shrill cry; to laugh shrilly and uncontrolledly; to shriek; (of colours) to clash acutely; to be all too loudly evident; to move with a screaming noise; a sharp, shrill, sudden cry, as in fear or pain; a shriek; a loud whistling sound; anything or anyone sup-

posed to make one scream with laughter..رڙيون ڪرڻ. ڪوڪ ڪرڻ. ڪوڪڻ. ڪوڪارڻ. بي اختيار کلڻ. انجڻ جو سيٽي هڻڻ. رڙڻ. ٻَرڻ. ٻڙڪڻ ڦاٽڻ. دانهن. ڪوڪ. ريهه. وروه. ٻوڪ. ڪيهه. ريهاڙ. چيخ. رڙ. دانهون ڪرڻ. تيز ٽهڪ يا کل. تمام تيز رنگن واري بيهڪ. (رنگ) اکين کي ڪائيندڙ. گوڙ شور ڪرڻ. رڙيون واڪا ڪرڻ. زور سان سيٽي وڄائڻ. کل سان ڳلا رڙيون ڪرڻ.

screamer (اسڪريمر) **n** one that screams; a large spur-winged S American bird with loud harsh cry; a different S American bird, the seriema; crested screamer; horned screamer; anything likely or intended to thrill with emotion, eg a sensational headline; an exclamation mark.کلڻ جهڙو قصو. رڙيون ڪرڻ وارو. رڙيون واڪا ڪندڙ. آمريڪي پکي جيڪو رڙ وانگر آواز ڪڍندو آهي. ڏکڻ آمريڪا ۾ انڊيز جبل جي گاهه واري ميداني علائقي ۾ رهند انڊيز جهنگ ڪڪڙ. رڙين جهڙو آواز ڪڍندڙ ڪڪڙ. چوٽير ڪڪڙ. سڱن وارو ڪڪڙ وغيره. ڪلائيندڙ يا رڙيون ڪرائڻ واري خبر. تمام سٺي يا بلڪل خراب خبر. جزيات ڀڙڪائيندڙ احوال.

screaming farce (اسڪريمنگ فارس) **n** a highly ludicrous situation. ٽهڪ انگيزتمثيل يا تماشو.

scree (اسڪري) **n** a sloping mass of loose weathered rock at the base of a cliff or on the face of a mountain..ڳريل جابلو ٽڪري جنهن جا ٽڪر هيٺ ڳڙا ٿيندا وڃن. ڀورو جابلو ٽڪر.

screech (اسڪريچ) **vi, vt. & n.** to utter a harsh, shrill and sudden cry or noise, or to speak in that way; to utter in such tones; a harsh, shrill and sudden sharp cry, noise or tone of voice.خوف وچان رڙيون ڪرڻ. اچانڪ رڙيون ڪرڻ. چيخ ڪڍڻ. رڙ ڪرڻ. واڪا ڪرڻ. چرچر جو تيز آواز ڪڍڻ. چرڙاٽ ڪرڻ. دل ڏاريندڙ رڙ يا واڪو واڪاڻ.

screecher (اسڪريچر) **n** one or a thing that screeches; the swift, barn-owl or other screeching bird.رڙيون ڪندڙ. چرڙاٽ ڪندڙ. چيڪٽ ڪندڙ. پکي جن جو آواز چيڪٽ يا چيخ وانگر هوندو آهي جيئن چبرو يا ابابيل وغيره.

screech-hawk (اسڪريچ هاڪ) **n** the nightjar..چاڦاڪو پکي.

screech-martin (اسڪريچ مارٽن) **n** the swift..تيز قدم. ڦڙتيلو. ابابيل جي قسم جو پکي. چيخ ڪندڙ ابابيل پکي.

screech-owl (اسڪريچ آئول) **n** the barn-owl; a bringer of bad news. چبرو. الو. گهگهو. چاڦاڪو پکي. بد يا بري خبر آڻڻ وارو. خراب خبر آڻيندڙ.

screech-thrush (اسڪريچ ٿرش) **n** the mistle-thrush; the fieldfare. جابلو طوطي پکي. ٻولڻو پکي.

screechy (اسڪريچي) **adj** shrill and harsh, like a screech..سنهو ۽ تيز آواز. سيٽي ۽ وانگر آواز. چيڪٽ ڪندڙ. چيخندڙ.

screed (اسڪريڊ) **n & vi.** a shred; a strip of cloth; a border; a lengthy passage, spoken or written; a drinking bout; a band of plaster laid on the surface of a wall as a guide to the thickness of a coast of plaster to be applied subsequently; a layer or mortar finishing off the surface of a floor; a strip of wood or metal for levelling off mortar, sand; a rent, a tear; to repeat glibly; to tear; to make a shrill or tearing noise..ڪناري. پلاسٽر ڪرڻ واري پٽي. پانڪ. زير بند. طويل قصو. شڪايتن جو ڊگهو قصو. شراب جو دور. ديوار تي پلاسٽر ڪرڻ لاء لڳل نشان (جيڪي ان جي ٿولهه ظاهر ڪندا آهن). زمين تي وڌل فرش جو مال. چير. چهڪ. وري دهرائڻ. ورجائڻ. ڦاڙڻ. چيڙهون چيڙهون ڪرڻ. ليڙون ليڙون. رڙ ڪرڻ. چرڙاٽ ڪرڻ.

screeder (اسڪريڊر) **n** someone whose job is to lay screeds on floors or walls.فرش وجهندڙ يا ڀتين تي پلاسٽر ڪندڙ ڪاريگر.

screen (اسڪرين) **n** an article to shield against danger, observation, wind, heat, light or other outside influence; a shelter; a piece of room furniture in the form of a folding framework or of a panel on a stand; a clothes horse; a large scarf or stole; a windscreen; a sheltering row of trees, shrubs; a body of troops or formation of ships intended as a cover from the bulk of the army or fleet; a wall masking a building; a partial partition separating off part of a room, a church choir, or side chapel; a coarse sifting apparatus; in some cameras, a glass plate with a pattern of various kinds on it to aid in focusing; a glass plate with rules or dots of a given coarseness or frequency for printing half-tone photographs; a mosaic of primary colours for colour photography; the surface on which a cinema film, television image or slide projection is seen; a white board on the perimeter of a cricket ground, against which the batsman can pick out the ball moving towards him; a screen grid; to shelter or conceal; to sift coarsely; to sort out by, or subject to, tests of ability, trustworthiness, desirability; to test for illness; to protect from stray electrical interference; to prevent from causing outside electrical interference; to project or exhibit on a cinema, television or slide screen; to make a motion picture of; to show up on, or be suitable for, the screen.پردو. قنات. چلمن. اوٽ. جهل. پلويڙو. آڙ. اگڻ.

جي پت، چڪ، اوٽ ٻيهارڻ، ڍڪ، اولو، محفوظ ڪرڻ، اڏ، جاري، ڍڪڻ، پناهه ڏيڻ، عقبي منظر، ، پردو ڏيڻ، ٻوٽڻ جي اڏ يا اوٽ، سيءَ يا گرميءَ کان بچائڻ لاءِ اڏ ڏيڻ، بند ٿيندڙ ۽ کلندڙ فرنيچر جو قسم، ڪپڙن سڪائڻ جي گهوڙي، وڏي چادر، گاڏيءَ جو اڳيون شيشو، بحري جهازن رستي يا فوج رستي مخالفن آڏو ديوار ڪري ڪرڻ، دشمن کي وڌڻ کان روڪڻ جو بندو بست، چوديوار، چارديواري، پناهه، پردي، چرچ يا ديول جو هڪ حصو، چاڻڻ واري جاري يا چاڻو، ڪيمرائن ۾ هڪ وڏيڪ شيشو يا نشان جنهن رستي تصوير وڏيڪ صاف ڪڍي سگهجي، شيشي جي چادر جيڪا ڇاپي ڪاريءَ جي ڪم اچي، رنگين تصويرن ڪڍڻ لاءِ رنگين شيشن جو استعمال، ٽيليويزن جو شيشو (جنهن تي تصويرون نظر اچن)، ڪرڪيٽ راند ۾ اچو يا ڪارو پردو جيڪو بال ڏسڻ ۾ مددگار هوندو آهي، پردي جهڙي ٻيهڪ، جهل يا پناهه گاهه، لڪل جاءِ، جاءِ پناهه، شين کي سواد يا ضرورت مطابق ورهائڻ، بيماريءَ لاءِ چڪاسڻ، بجليءَ جي واڍو عمل کان بچا جو نظام، سنيما جي پردي تي ڏيکارڻ، ٽيليويزن تي ڏيکارڻ، پردي تي ڏيکارڻ لاءِ مناسب فلم يا تصوير.

screen grid (اسڪرين گرڊ) **n** an electrode placed between the control grid and anode in a valve, having an invariable potential to eliminate positive feedback and instability. پردائين جاري، بجليءَ جي پسرائڻ جو طريقو.

screenings (اسڪريننگس) **n pl** a refuse and material eliminated by sifting. جانچ ۽ چونڊ کان پوءِ ملندڙ سامان. چاڻ، پور، ٽوٽ، چورو، ڏراپرزا.

screening-test (اسڪريننگ ٽيسٽ) **n** a test carried out on a large number of people to identify those who have, or are likely to develop, a specified disease. گهڻن ماڻهن جي ٽيسٽ ڪرڻ کان پوءِ اهو ماڻهو ڳولهڻ جنهن کي ڪا مخصوص بيماري هجي، معائنو ڪرڻ، چڪاس طريقو.

screen off (اسڪرين آف) to hide behind, or separate by, a screen; to separate by sifting. چاڻڻ، تحقيق ڪرڻ کان پوءِ ڌار ڪرڻ، جدا ڪرڻ، لڪائڻ، پردي ۾ رکڻ، چونڊي الڳ يا جدا ڪرڻ.

screenplay (اسڪرين پلي) **n** the written text for a film, with dialogue, stage directions, and descriptions of characters and settings. ڪنهن فلم لاءِ مڪمل ڪهاڻي لکڻ، ڊرامي لاءِ مڪمل ڪهاڻي.

screen-test (اسڪرين ٽيسٽ) **n** a trial filming to determine whether an actor or actress is suitable for cinema work. ڪنهن اداڪارا يا اداڪار جو فلمي ٽيسٽ (جنهن ۾ انهن جي ڪارڪردگي چڪاسي سگهجي).

screen-wiper (اسڪرين وائيپر) **n** a windscreen-wiper. گاڏي جي شيشي کي اگهڻ وارو اوزار.

screen-writer (اسڪرين رائيٽر) **n** a writer of screenplays. ڊراما نگار، ڪهاڻي نويس، فلم يا ڊرامي لاءِ ڪهاڻيون لکي تيار ڪندڙ.

screeve (اسڪريو) **vt, vi & n.** to write begging letters; to draw on the pavement; a piece of writing; a begging letter. لکڻ، استدعا ڪرڻ، فرش تي تصوير ناهڻ، چاڪ سان فرش تي تصوير ناهڻ، پنڻ لاءِ عرض لکڻ.

screw (اسڪرو) **n, vt. & vi.** a cylinder with a helical or spiral groove or ridge, used as a fastening driven into wood, by rotation, mechanically or otherwise; anything of similar form; a screw propeller or ship driven by one; a thumbscrew, an instrument of torture; a corkscrew; a twisted cone of paper, or the portion of a commodity contained in it; a twist or a turn of the screw; pressure; a stingy person, an extortioner, a skinflint; a prison officer; a broken-winded horse; an act of sexual intercourse; a sexual partner; salary, wages; to fasten, tighten, compress, force, adjust or extort by a screw or screws, a screwing motion, or as if by a screw; to twist; to turn in the manner of a screw; to cheat, defraud or take advantage; to burgle, rob; to wind. اسڪرو، پيچ، بخيل ماڻهو، مزدوري، ٿڪل گهوڙو، پيچ ڪسڻ، دٻاءُ وجهڻ، پريشان ڪرڻ، نپوڙڻ، زوريءَ وٺڻ، ور وڪڙ، پيچ نما، ڇلو، چوڙي، پيچ ڦيرڻ، ردي گهوڙو، ڪنجوس، پيچن تي هلڻ وارو جهاز جو پنکو، پني جي گول ڪيل ٽوٽاري نما ٻيهڪ، جيل جو عملدار، همبستري ڪرڻ، جنسي عمل، سنجوگ، سنجوگي ساٿي، بستري ساٿي، پگهار، لوازمو، اجورو، عيوضو، معاوضو، مزدوري، ڪشي بند ڪرڻ، زور سان بند ڪرڻ، اسڪروهڻي مضبوط ڪرڻ، پيچ وانگر ڦيرائڻ، ڦيرائي بند ڪرڻ، نڳي ڪرڻ، ٽڳلائڻ، اٽڪل سان ڪڍي وجڻ، چوري ڪرڻ، ڦرڻ، ڪسي وجڻ، پچڻ.

screw ball (اسڪرو بال) **n** a ball delivered with spin; a crazy person, an eccentric. (ڪرڪيٽ جو) گول ڦرندڙ بال، منحرف، بي مرڪز، عجيب وغريب، چريو، سودائي، چسو.

screw bolt (اسڪرو بولٽ) **n** a bolt with a screw thread. پيچ اسڪرو، پيچدار ميخ.

screw cap (اسڪرو ڪيپ) **n** a lid that screws on to a container. پيچ وانگر ڦيرائي بند ڪرڻ وارو ڍڪ.

screw-down (اسڪريو ڊائون) **adj** closed by screwing. پيچ جي ذريعي بند ڪرڻ.

screw driver (اسڪرو ڊرائيور) **n** an instrument for turning and driving screw-nails; a cocktail the principal ingredients of which are vodka and orange juice; (of factories, assembly plants) assembling components produced elsewhere, usu in a foreign company. پيچ ڪش، چابي، ڪنجي، گڏيل شرابن جو مرڪب.

موٽر گاڏين جوڙڻ لاءِ ٻاهران لهرايل پرزا يا حصا.

screwed (اسڪروڊ) adj messed up, spoiled; ruined, defeated; tipsy..ناڪاره، لڪمو، بدلنار، شرير، خراب ڪيل، زيان ڪيل، هيٺ مٿي ڪيل، هاريل، ضايع ٿيل، نشي ۾، مَوَ ۾ ، هوش ڪان ٻاهر.

screw eye (اسڪرو آئي) n a screw formed into a loop for attaching rope, wire.رسي يا تار کي پيچ جي ذريعي ڳنڍي ڦندو ٺاهڻ، پيچ چشمر.

screw gear (اسڪرو گيئر) n an endless screw with a cogwheel or pinion.ڏندن وارو ڦيٿو، پيچ گراري، جوڙ واري گراري.

screw hook (اسڪرو هڪ) n a hook to hand things on, with a screw point for fastening it.شيون مٿي ٽنگڻ لاءِ جهل، پيچدار ڪلي يا ميخ.

screwing die (اسڪروئنگ ڊاءِ) n an internally threaded hardened steel block for cutting externally threaded screws or screwed pieces.اسڪرو تيار ڪرڻ لاءِ سانچو، لوهي سانچو جنهن رستي پيچدار ميخون تيار ڪيون وڃن.

screwing machine (اسڪروئنگ مشين) n a form of lathe adapted for the continuous production of screws or screwed pieces by screwing dies.پيچدار ميخون ٺاهڻ واري مشين.

screw jack (اسڪرو جئڪ) n a jack for lifting heavy weights, operated by a screw.پيچ دار جيڪ، چوڙيدار آڏي، شهه پيچ.

screw-pile (اسڪرو پائل) n a pile for sinking into the ground, ending in a screw.زمين ۾ سوراخ ڪرڻ لاءِ پيچدار سيخ.

screw pine (اسڪرو پائين) n a plant of the genus Pandanus or its family (from the screw like arrangement of the leavaes). ڪيوڙو گل، ڪيتڪي (ٻوٽو).

screw plate (اسڪرو پليٽ) n a hardened steel plate in which a number of screwing dies of different sizes are formed.فولادي چادر جنهن ۾ مختلف ماپن جي پيچن ٺاهڻ جي گنجائش هجي.

screw press (اسڪرو پريس) n a press worked by a screw, for punching holes, etc.پيچ جي مدد سان سوراخ ڪڍڻ واري مشين.

screw propeller (اسڪرو پروپلر) n. a propeller with helical blades..گردش ڪندڙ اوزار جنهن ۾ پيچ دار بليڊ هجن. پيچ پنکو، پيچدار پنکو.

screw steamer (اسڪرو اسٽيمر) n. a steamer driven by a screw-propeller.ٻاڦ ڏيندڙ اوزار جيڪو گردش ڪندڙ پنکي سان هلي، پيچ ٻاڦ انجڻ، پيچ ٻاڦ جهاز، ٻادڪش دار.

screw thread (اسڪريو ٿريڊ) n. the helical ridge of a screw. پيچ دار، پيچ جو وڪڙدار حصو.

screw tap (اسڪرو ٽيپ) n a tool for making female screw ماديءِ پيچ ٺاهڻ لاءِ اوزار، اندرئين طرف پيچ واري ميخ.

screw top (اسڪرو ٽاپ) n a bottle with a stopper that screws in or on, esp a beer bottle of the kind with its contents..ٻوچ واري ٻوتل، گول ڦيرائڻ واري ڍڪ واري ٻوتل. پيچدار ڍڪ واري ٻوتل.

screw-up (اسڪرو اپ) to twist or distort; to summon up; to disrupt, spoil or ruin; to cause to become nervous, emotionally disturbed; a disaster, failure, mess or fiasco; a person who is a failure, whose life is a mess..طلب ڪرڻ، سڏڻ، همت ڏيارڻ، خراب ڪرڻ، چٻو ڦلو ڪرڻ، هلندڙ ڪم بند ڪرڻ، ٿيندڙ ڪم ڊاهڻ، ڦٿائڻ، ڊيڄارڻ، هوش مان ڪڍڻ، (ذهني طور) پريشان ڪرڻ، مصيبت، حادثو، شامت، آپدا، بلا، آفت، ناڪامي، هار، ناڪام ماڻهو.

screw valve (اسڪرو والو) n a stopcock opened and shut by a screw. لوٽيءَ جو پيچ، پيچ لوٽي، پيچ سنبو.

screw-worm (اسڪرو ورم) n the larva of a dipterous fly which develops under the skin of various animals, often causing death.مکين جا ڪچا بچا جيڪي جانورن جي کل هيٺان يا اندر وڃي رهن ٿا ۽ انهن ۾ بيماري يا موت جو ڪارڻ بڻجن ٿا.

screw-wrench (اسڪرو رينچ) n a tool for gripping screw heads.پيچن جي چوٽين کي پڪڙڻ وارو اوزار، اسڪرو کولڻ واري پڪڙ يا پلاس.

screwy (اسڪروئي) adj tipsy; eccentric, slightly mad; absurd.سختي ڪرڻ وارو، ناڪارو، سودائي، چريائپ، مست، نشي ۾، پيتل ، بيڪار، نڪمو، ڪم چور.

scribable (اسڪرائيبل) adj capable of being written upon. (اهڙي شي) جنهن تي لکي سگهجي، لکڻ لائق.

scribacious (اسڪرائيبيشس) adj given to writing.لکڻ لاءِ ڏيڻ.

scribble[1] (اسڪريبل) vt. vi & n. to scrawl; to write in a careless, illegible hand; to write in haste; to write paltry, ill-expressed material, esp copiously; careless writing; a scrawl.خراب لکت، بيپرواهيءَ سان گهلڻ، تڪ بنديءَ جي شاعري، رهندا هٿڻ، رهڙي وٺڻ، تکڙ پڪڙ ۾ لکڻ، بي ڌيانيءَ ۾ ليڪا پائڻ، اجايو سجايو لکڻ، ڪني هٿ اکري، ڪنا اکر.

scribble[2] (اسڪريبل) vt to tease coarsely, as cotton or wool; to comb (cotton or wool) roughly.اُن کي هلڪيءَ طرف صاف ڪرڻ، اُن جي ٻهرين صفائي.

scribbler[1] (اسڪريبلر) n a worthless author..خراب مصنف، بي ڪار ليکڪ، رلڻا رهڙيندڙ قلم ڪش، بد خط.

scribbler[2] (اسڪريبلر) **n** a wool-combing machine; one who tends it.اُن صاف ڪرڻ واري مشين. اُن صاف ڪرڻ واري مشين تي ڪم ڪندڙ.

scribe (اسڪرائيب) **n, vt. & vi.** a writer; a notary; copyist; an expounder and teacher of the traditional law and that of Moses; a writer; a public or official writer; a medieval clerk, amanuensis or secretary; a copyist; a penman, calligrapher; a pointed instrument to mark lines on wood, metal; to mark or score with a scribe; to fit by so marking; to incise; to write; to act as a scribe.ڪاتب، منشي، خوش نويس، ليکڪ، فقيه، وقائع نگار، مصنف، محرر، خط وجهڻ، قلم ڪار، مصور، نشان لڳائڻ، لکڻ، اُڪرڻ، تحرير، اکر، خط ڪش.

scriber (اسڪرائبر) **n** a scribing tool, a scribe.نشان لڳائڻ وارو اوزار، لکڻ وارو، ڪاتب، خوش نويس.

scrieve (اسڪريو) **vi** to glide swiftly along..بي آواز هلڻ، آهستي آهستي حرڪت ڪرڻ.

scriggle (اسڪرگل) **vi & n.** to writhe; to wriggle; a wriggling.ولنجڻ، مروڙڻ، وٽ پوڻ، تڙپڻ، تشنج، سور جي ڪري پاسو مٽائڻ.

scrike (اسڪرائڪ) **vi & n.** to shriek; a shriek..ڪوڪ، رڙيون، بي تهاشا ڪلڻ، ڪيڪون ڪرڻ، چيخون ڪرڻ.

scrim (اسڪرم) **n** open fabric used in upholstery, book-binding, for curtains, etc.ڪپڙو جيڪو پردن يا ڪتابن جي جلد لاءِ استعمال ڪيو وڃي، پردن جو ڪپڙو، صوفن جو ڪپڙو.

scrimmage or **scrummage** (اسڪرمج) **n & vi.** a tussle; an untidy melee, a struggle; (in Rugby football) a scrum; (in American football) play between two teams beginning with the snap and ending when the ball is dead; a practice session of this; a line of scrimmage; to take part in a scrimmage..جدوجهد، ڌڪ مُٺ، هٿين بجين پوڻ، جهيڙو، چڪري، بن ڌرين درميان (رگبي فوٽ بال ميچ واري) وٺ وٺان، جدوجهد ۾ حصو وٺڻ، ميچ ۾ حصو وٺڻ.

scrimp (اسڪرمپ) **adj, adv, vt. & vi.** scanty; stinted; barely; to scant; to limit; to stint; to keep limited, often perforce; to be sparing or niggardly, often perforce..ڪنجوس پائي ڪرڻ، گهٽ، ٿورو، ڪوتاهه، ڪومل، سَسايل، ٿدو ڪيل، معمولي، بندرو ڪرڻ، حد اندر لکڻ، وڌيڪ وڌڻ نه ڏيڻ، زبردستي روڪڻ، ڪنجوسائي ڪرڻ، پيٽ ڪٽڻ، ڪنجوسائيءَ سان ڏيڻ.

scrimply (اسڪرمپلي) **adv** sparingly; scarcely.(ويو) ايجا ٿر، مس مس، ورلي، ڪمي، قلت، ڪفايت سان، صرفي سان، ڪوئي ڪوئي، ستائتو.

scrimpy (اسڪرمپي) **adj** scanty. .ڪوتاهه، ٿورو، گهٽ ناڪافي.

scrimshaw (اسڪرمشا) **n** a sailor's spare-time handicraft, such as engraving or carving fanciful designs on shells, whales' teeth; anything crafted in this way; to work or decorate in this way.جهاز جي خلاصيءَ جو واندڪائي وقت هنر، ڪنڊي، ڪندهه ڪاري وغيره جو ڪم ڪرڻ، مجسمه سازي ڪرڻ، شيون ناهڻ.

scrimshoner (اسڪرمشانر) **n** one who does scrimshaw. اهو خلاصي جيڪو واندڪائي دوران شيون ٺاهي.

scrimure (اسڪرائيمر) **n** a fencer (Fr). شمشيرزني ڪندڙ.

scrine or **scryne** (اسڪرائين) **n** a box or chest in which written records are kept; a shrine.اهو دٻو جنهن ۾ لکيل مواد رکيو وڃي، ضروري ڪاغذن رکڻ جي پيٽي، مزار، درگاهه، روضو، مقبرو.

scrip[1] (اسڪرپ) **n.** a small writing; a scrap of paper or of writing; a preliminary certificate, as for shares allotted; stock certificates or shares or stock collectively; a dollar bill, money; a paper token issued instead of currency in special emergency circumstances..ڪاغذ جو لکيل ٽڪرو، لکيل پنو، ڪاغذ، سرٽيفڪيٽ، سند، حصا، پئسن بدران ڏنل ڪاغذ، هنڊي، چيڪ، ڊرافٽ.

scrip[2] (اسڪرپ) **n** a small bag; a wallet; a satchel; a pilgrim's pouch..ڳوٿري، جهولي، ٿيلهي، بيگ، بڳري، بٽوڪي.

scripophily (اسڪرپوفلي) **n** the collecting of bond and share certificates as a hobby, esp those of historical, interest; the items thus collected.بانڊ ۽ سرٽيفڪيٽ جمع ڪرڻ جو شوق، تاريخي مواد جمع ڪرڻ جو شوق، شوق هيٺ ڪٺو ڪيل مواد.

scrippage (اسڪرائپيج) **n** the contents of a scrip. تحرير جي فهرست، ڪاغذ ۾ درج تفصيل.

script (اسڪريٽ) **n & vt.** handwriting; a piece of writing; the actors' director's, written copy of the text of a play, film; a text for broadcasting; a system or style of type resembling handwriting; a set of characters used in writing a language; handwriting in imitation of type; an original document; a list of actors and their parts.اصل، لپي، هٿ اکر، لکت، ٿٽيو نوشتو، دستاويز، هٿ اکر ڇاپو، ٽائيپ جا اکر جيڪي هٿ اکرن وانگر هجن، رسم الخط، اصل تحرير، صورتخطي، ڪاتب جي لکيل تحرير، خوش نويسي.

scriptorium (اسڪرپٽوريم) **n** a writing or copying-room, esp in a monastery. خانقاهه ۾ لکڻ پڙهڻ، نقل وغيره ناهڻ لاءِ خاص ڪمرو.

scriptural (اسڪرپچورل) **adj** contained in, or accord-

ing to scripture; biblica; of writing.پاڪ ڪتابن مطابق. شاسترن جي، مقدس ڪتابن جو، پوتر ڪتابن جو، لکتن جو.

scripturalism (اسڪرپچورالزم) n literal adherence to the scripture.پاڪ ڪتابن جي اصليت برقرار رکڻ، پاڪ ڪتابن پر ڏنل حڪمن جي مڪمل طور پوئواري ڪرڻ.

scripturalist (اسڪرپچورالسٽ) n a person who adheres to the letter of scripture; a student of scripture.پاڪ ڪتاب لکڻ وارو شاگرد، پاڪ ڪتابن جي اصليت کي برقرار رکڻ، انهن تي عمل ڪندڙ.

scripture (اسڪرپچر) **n. & adj.** the Old and New Testaments; handwriting; something written; the sacred writings of a religion, esp the Bible; a biblical text. شاستر، پاڪ ڪتاب، پاڪ لکت، ڪتاب مقدس، انجيل، بائبل، ويد، پراڻ، پوٿي، پوتر ڪتاب، الهامي ڪتاب، هٿ اکرن وارا ڪتاب، هٿ اکري.

scripture reader (اسڪرپچرريڊر) n a person who read the Bible in cottages, barracks, to those who could not read for themselves.پاڪ ڪتاب پڙهندڙ اهو ماڻهو جيڪو ٻين کي ٻه پڙهي ٻڌائي.

scripturist (اسڪرپچورسٽ) n a person versed in scripture; a person who bases his or her belief on the Bible and the Bible alone.اهو ماڻهو جيڪي مذهبي ڪتابن تي ايمان رکي، خاص ڪري انجيل ٻه.

scritch (اسڪرچ) **n, vt. & vi.** a screech; to screech.ان وٺندڙ آواز تي رڙيون ڪرڻ، ڪاوڙ ڪرڻ، چيخ، ڪوڪ، رڙ، گسڪو.

scrive or **scrieve** (اسڪرائيو) to write, esp with copious fluency; to describe; to inscribe.لکڻ، بيان ڪرڻ، تيز لکڻ، اکرڻ.

scrive-board or **scrieve-board** (اسڪرائيوبورڊ) n a shipbuilder's drawing board.بحري جهاز ناهڻ وارن جو وڏو تختو جنهن تي جهاز جو سڄو نقشو لڳل هجي.

scrivener (اسڪرائونر) n an old name for a notary; a scribe; a copyist; one who draws up contracts; one who lends money at interest to others..عريضي نويس، دلال، وياج خور، نقل نويس، دستاويز لکڻ وارو.

scrivener's palsy (اسڪرائيونرس پالسي) n writer's cramp..ڪاتبن جي هڪ حالت ٻه وهڻ ڪري حالت، پنا چڪجڻ، ڳڏڙي ٻوڙ.

scrobe (اسڪروب) n a groove. جهري وجهڻ، نالي ناهڻ.

scrobicule (اسڪروبيڪيول) n a small pit or depression, as around the tubercles of a sea urchin.هڪ ننڍڙو کلو، کڏ، مڇين جي ڪري ساموندي تري ٻه نهيل کڏون کيا.

scrobicular (اسڪروليڪيولر) adj relating to or surrounded by scrobicules.کڏاؤن، کڏن کپن وارو هنڌ، کڏائين.

زمين، هيٺ مٿي زمين بابت.

scrobiculate or **scrobiculated** (اسڪروبيڪيوليٽ) adj pitted. کڏو کوئيل، گهنج دار، گهنجر، کڏاؤن.

scrod (اسڪراڊ) n a young cod or haddock..ننڍڙي مڇي، ننڍي ڪاڊ مڇي.

scroddled (اسڪراڊلڊ) adj (of pottery) made of clay scraps of different colours.مختلف رنگن جي مليل مٽيءَ مان ٺهيل ٺانءُ.

scrofula (اسڪرافيولا) n a wasting disease or tuberculosis of the lymph nodes in the neck. ڪنٺ مالا، ڳلي جي بيماري يا ٽي بي، خنازير.

scrog (اسڪراگ) n a stunted bush or small tree; a crabapple (the fruit or tree); a bushy place; scrubby wood; a broken branch; a branch of a tree.ننڍي قد وارو وڻ، هٽرادو طريقي سان ننڍو ڪيل وڻ، صوف جي هڪ قسم جو وڻ، ميوو، جهنگلي صوف، سنهو جهنگ، ڀڳل شاخ يا ٽاري، وڻ جي ٽاري.

scrog-apple or **scrog-bush** (اسڪراگ ايپل) n respectively the crabapple and crabapple tree..جهنگلي صوف، جهنگلي صوف جو وڻ ۽ ميوو.

scroggie or **scroggy** (اسڪراگي) **adj.** covered with scrogs; stunted.سنهي جهنگ وارو علائقو، ننڍڙو وڻ، جنهن جي (نشو نما رڪجي وڃي) ننڍو ڪيل وڻ.

scroll (اسڪرال) **n, & vt.** a roll of paper or parchment; a ribbonlike decorative strip in painting, architecture, partly coiled or curved, sometimes bearing a motto; a writing in the form of a roll; a draft or first copy of a letter; a list, roll or inventory; a spiral ornament or part, such as a flourish to a signature; to set in a scroll; to draft; to roll into a scroll or scrolls; to cut into scrolls from a length of material; to move a text, graphics up or down or from side to side in order to view data that cannot all be seen on a VDU at the same time (comput); to curl..ويٽو، ويڙهيل ڪاغذ، يادداشت، چٺو، ويڙهو، فهرست، مسودو، جدول، نقشو، مُنو، نقش نگار، پني جو ويڙهيل دستو يا رول، ربن جهڙي پٽي، ڇاپي ٻه ٻاهران پٽي ڏيڻ، نشان، متو، گول لکت، ڪنهن خط يا لکت جو مسودو، تفصيل، ڇلي شڪل بيهڪ يا لکت، ويڙهي رکڻ، ڪمپيوٽر تي موجود مواد کي هيٺ مٿي ۽ اڳتي پوئتي ڪري ڏسڻ جو طريقو.

scrolled (اسڪرالڊ) adj formed into a scrolled; ornamented with scrolls; moved across a VDU screen as described above..ويڙهي ناهڻ، ويڙهيل اوزار، گول ڪيل، ڇلي صورت بيهڪ، ڪمپيوٽر جي شيشي تي مواد هيٺ مٿي ڪرڻ.

scroll-work (اسڪرال ورڪ) n ornament in scrolls.ويڙهيل.

زيور، چلو.

scroll chuck (اسڪرال چڪ) n a self-centring chuck, esp a three-jaw chuck for holding round work. گول شين کي جهلڻ وارو پلاس يا پڪڙ.

scroll saw (اسڪرال سا) n a saw for cutting scrolls. ويڙن کي ڪٽيندڙ ڪاراٽي، گول شين کي ڪپڻ واري آري يا آرو. پيچ آرو. نقاشي ڪاراٽي، نقاشي آرو.

scrooge (اسڪروگ) n a miser. ڪنجوس، بخيل.

scroop (اسڪروپ) n & vi a scraping noise; to make a scroop. کوتڻ جو آواز، رهڙڻ جو آواز. ڪرڙڻ. رهڙڻ.

scrophularia (سڪروفيولريا) n a plant of the figwort genus. انجير جو بوٽو.

scrophulariaceous (اسڪروفيليريسيوئس) adj. of, belonging to, or characteristic of the family of sympetalous dicotyledons with zygomorphic flowers, incl foxglove, mullein, speedwell, eye-bright. مختلف قسمن جا گلن وارا بوٽا.

scrotum (اسڪروٽم) n the bag of skin that contains the testicles in mammals. انڊڪوش. آنورن جي ٿيلهي. آني کوش. بيضي ٿيلهي. آنورن جي کل. خصيي داني. بيضي داني، ٨٨٨٨٨٩فوطو.

scrouge, scrowdge or **scrooge** (اسڪرائوج) vt and vi. to squeeze; to crowd. سَسائڻ. لپوڙڻ. لچوڙڻ. پيڙو ڏيڻ. زورهجوم ڪرڻ ڏيڻ. گهڻي تعداد ۾ گڏ ٿيڻ.

scrounge (اسڪرائونج) vt & vi. to purloin; to cadge or beg, or obtain by cadging or begging; to hunt around; to sponge. چورائڻ. دوستن کان گهري کائڻ. پني وٺڻ. ڦري کائڻ. طفيلي ٿي رهڻ. ٻن جي ڪمائيءَ تي گذران ڪرڻ.

scrow (اسڪرو) n. a scroll; writings; a clipping or strip of hide or leather used in glue-making. ويڙهيل لکيون. ويڙهيل ڪاغذ. ڪٽونر ڏاهڻ ۾ ڪم ايندڙ چمڙي جا ٽڪر.

scroyle (اسڪروئل) n a wretch. بدبخت. ڀاڳيو. نامراد. ندورو. نگرو. ڪانڌين موڙهو. نجس. ڪر. لنڌڪ. ڪميڻو. چندو. ويل. مَٺو.

scrub[1] (اسڪرب) vt, vi. to rub hard with something rough; to brighten, wash or clean by hard rubbing, with a stiff brush; to purify; to cancel, abandon; to use a scrubbing-brush; to make a rapid to-and-fro movement as if scrubbing; (of jockeys) to make a similar movement with the arms over a horse's neck to urge it forward. رڳڙڻ. ملڻ. زور سان صاف ڪرڻ. چلڪائڻ. ماجڻ. صاف ڪرڻ. چمڪائڻ. گسڻ. گهڻ. برش سان مهٽي صاف ڪرڻ. گهوڙي ڊوڙ ۾ سوار جو گهوڙي کي پچائڻ لاءِ اڳتي پوٺي ٿيڻ.

scrub[2] (اسڪرب) n. & adj. low underwood; a stunted tree; stunted trees and shrubs collectively; brushwood; country covered with bushes or low trees, esp the Australian evergreen xerophytic dwarf forest or bush of eucalyptus, acacia; hence a remote place, far from civilization; an undersized or inferior animal, esp one of indefinite breed; a player in a second or inferior team; a team of inferior players, or one with too few players; an insignificant or undersized person; anything small or insignificant; insignificant; improvised, hastily got together for the occasion. سنهو جهنگ. ڪرل برش. ماريل قد. بندرو. ننڍڙي وٿڪار. سنهين جهنگ جي اهڙي ايراضي جتي ننڍڙا وڻ ۽ ٻوٽا ۽ ننڍا ٿباوان ٻوٽا يا چرڙٻرڙ جهنگ ڦتل هجي. پرانهين ۽ غيرآباد جاءِ. جهنگ. ٻيلو. ننڍي نيم جو رانديگر. سيڪڙات رانديگر. بندرو جانور يا ماڻهو. معمولي شيءِ. ننڍي شي. خاص ضرورت لاءِ تيار ڪيل شيءِ. خسيس ماڻهو.

scrubber[1] (اسڪربر) n one or something that scrubs; an apparatus for freeing gas from tar, ammonia, and hydrogen-sulphur combinations; any device that filters out impurities; an unattractive woman, or one with loose morals. اها شيءِ جنهن کي رڳڙيو وڃي. ڪپڻ. زمين ڪرڙڻو اوزار. مٽي رهڙيندڙ اوزار. ماڃيندڙ. گئس مان تار ڪول ۽ امونيا الڳ ڪندڙ اوزار. غير کي ڇاڻي صاف ڪندڙ اوزار. بدزيبي عورت. بدصورت زائفان. بدپيشي. رنڊي. بدڪردار.

scrubber[2] (اسڪربر) n an animal that has run wild. جهنگلي جانور. پاليل جانور جنهن ۾ جهنگلي خصلتون اچي وڃن.

scrubbing-board (اسڪربنگ بورڊ) n a wash-board. ڌوئڻ وارو بورڊ. ڪپڙا ڌوئڻ وارو تختو.

scrubbing-brush (اسڪربنگ برش) n a brush with short stiff bristles for scrubbing floors, etc. ننڍڙن سخت وارن وارو برش (فرش مهٽڻ لاءِ). ڪرڙڻ وارو برش.

scrub bird (اڪرب برڊ) n an elusive wren-like Australian bird. چٽ چر پکي. ٽڪٽڪي پکي. چيهي جي قسم جو پکي. آسٽريلين ڦدي پکي. چتڪي پکي.

scrub land (اسڪرب لينڊ) n an area covered with scrub. ٻوڙن واري زمين. ڪک پن واري ٻني. گاهه واري ٻني.

scrub rider (اسڪرب رائيڊر) n a person who looks for cattle that stray into the scrub. اهو ماڻهو جيڪوجهنگ مان جانورن کي ڳولي. ڌنار.

scrub round (اسڪرب رائونڊ) n to cancel; to ignore intentionally. ملتوي ڪرڻ. ختم ڪرڻ. ڄاڻي ٻجهي درگذر ڪرڻ.

scrub turkey or **fowl** (اسڪرب ٽرڪي يا فائول) n a type of ground-living bird of the Australian scrub, a mound-builder. جابلو پکي. جهنگ ڪڪڙ. جهنگلي آسٽريلين فيل.

مرغ يا ڪڪڙ ٻڪي، پيرو ڪڪڙ، ترڪي ٻڪي.

scrub typhus (اسڪرب ٽائيفس) **n** a typhus-like disease caused by a parasitic microorganism and transmitted by a mite to humans.ٽائفائڊ جهڙو بخار، جيت يا چچڙن ڪري ٿيندڙ بخار.

scrub up (اسڪرب اپ) **vt.** (of a surgeon) to wash the hands and arms thoroughly before performing or assisting at an operation..جراح جو هٿ ۽ ٻانهون ڌوئڻ، جراحيءَ لاءِ تياريءَ طور هٿ ڌوئي صاف ڪرڻ.

scruff[1] (اسڪرف) **n** the nape (of the neck)..ڳاٽو، ڳچي، ڪنڌ.

scruff[2] (اسڪرف) **n** skruf; an untidy, dirty person.بي سليقو، گندو ماڻهو، بي افعالو، بدافعالو، صفائي نه رکندڙ، سنهو گند ۽ گاهه.

scruffy (اسڪرفي) **adj.** scurvy; untidy; dirty.ميرو يا گدلو ماڻهو، خارش، اگاري، مهارون پرچڻ، ڪنو، بي افعالو، بدافعالو.

scrum (اسڪرم) **n & vi.** a disorderly struggle, a melee; a closing-in of rival forwards round the ball on the ground, or in readiness for its being inserted (by the scrum half) between the two packs; a large number of people crushed into a relatively small space and jostling for position; to form a scrum.ملي جلي رش يا هجوم، وڏو هجوم، رانڊ ۾ مخالف ڌر جو بال جي چوڌاري ڦري اچڻ، ٻن ڌرين وچ ۾ تمام ننڍي جڳهه ۾ تمام گهڻن ماڻهن جو گڏ ٿيڻ.

scrum-down (اسڪرم ڊائون) **n** an act of forming a rugby scrum. رگبي رانڊ ۾ بال جي چوڌاري ڦري ايندڙ رانديگر.

scrum half (اسڪرم هالف) **n** (rugby football) a half-back whose duty it is to put the ball into the scrum and secure it as soon as it emerges.رگبي فٽ بال ۾ سمورن رانديگرن جو وچ ميدان ۾ بال جي چوڌاري جمع ٿيڻ.

scrum pox (اسڪرم پاڪس) **n** (rugby football) impetigo spread by rugby players' faces rubbing together in the scrum.(رگبي فٽ بال) رانڊ ۾ رانديگرن جو هڪ ٻئي سان گسڻ ڪري منهن تي ٿيندڙ داغ.

scrummy (اسڪرمي) **adj.** scrumptious.داغي، ماڻهن ڀريل رش واري جاءِ.

scrump, skrump or **scrimp** (اسڪرمپ) **vt. & vi.** to gather windfalls, hence to steal apples from orchards; anything shrivelled, small or undersized, esp an apple; an undersized person.آنڌيءَ يا واچ جي ڪري ڪريل ميوو، ڪريل شيون ڳولڻ، (باغ مان) ميوو چوري ڪرڻ.

scrumptious (اسڪرمپ ٽيوئس) **adj.** delightful; delicious..راحت بخش، مسرت بخش، مزيدار، وڻندڙ، فرحتي، مزيدار.

نيڻ ٺار، سوادي، دل قرار، لذيذ.

scrumpy (اسڪرمپي) **n** very strong cider made from small, sweet apples, esp as brewed in the West Country. صوف جو شراب، سيب آفشار، صوفن جو شراب.

scrunch or **scrunsh** (اسڪرنچ يا اسڪرنش) **vt & vi.** to crunch or crush, esp with relation to the noise produced; (of paper, snow and hair) to be crunched or crushed; the act or sound of scrunching. چُر مُر ڪرڻ، چُرمراهٽ، چباڙڻ، چپڻ.

scrunt (اسڪرنٽ) **n** anything stunted (eg an apple, a tree); a niggard.ڪنجوس، بخيل، وڻ جو قد گهٽائڻ، ننڍو ڪرڻ.

scruple (سڪروپل) **n, vi. & vt.** a small weight; (in apothecaries' weight, 20 grains); doubt; hesitation; backwardness; a sexagesimal division, a minute of time or arc; a very small quantity; a difficulty or consideration, usu moral, obstructing action, moral standards, personal standards of decency which one adheres to; a disbelief or difficulty; protest, demur; scrupulousness; to hesitate because of scruples; to cause to feel scruples; to question, doubt; to feel scruples; to question, doubt; to have scruples about; to hesitate..شڪ وسوسو، ڌرو، ڏيڍ ماسو، (١٠ رتين جو وزن ڪنهن ڪتاب ۾ ٢٠ رتين جو وزن) وسوسو، شڪ شبهو، وسواس، خدشو، هچڪ، هٻڪ، شڪ ڪرڻ، اخلاقي اقدار، اخلاقي قدر، ذاتي اصول، اخلاق بابت ذاتي اصول جن تي ڪو انسان عمل ڪري، شڪ هجڻ،شڪ ڪرڻ، شڪجڻ، گهٻرائڻ، هٻڪڻ، لهرائڻ، دل هٽڻ، هنڪڻ، شڪجي ٻيهڻ، پلڙ ترڻ.

scrupulous (اسڪروپيولس) **adj.** having or directed by scruples; having doubts or objections; cautious; extremely conscientious or exact; captious..شڪي، وسواسي، محتاط، هوشيار، معترض، پورو پورو، شڪائتو، وسوسو، باريڪ بين، و ويڪي، نيڪ نيڪ عمل ڪندڙ، چيناريل، چيتاريل.

scrutable (اسڪريوٽيبل) **adj.** accessible to scrutiny, open to examination, observable..جاچ جوچ جهڙو، چڪاسڻ لائق، ڏسڻ ۾ ايندڙ، نظر ايندڙ، ڪوجنا لائق.

scrutator (اسڪريوٽيٽر) **n** a close examiner; a scrutineer. ڪوجڪ، ڪوجڻ وارو، ڪوجي، پيري، جاچ پڙتال ڪندڙ.

scrutineer (اسڪريوٽينير) **n** one who makes a scrutiny, esp of votes. ووٽ چڪاسيندڙ، جاچڪ، جاچ ڪندڙ.

scrutinize (-ise) (سڪريو ٽينائيز) **vt. & vi.** to examine closely; to investigate. جاچڻ، چڪاسڻ، سوجهڻ، ڪوجڻ، ڇان بين ڪرڻ، (ڳالهه کي) خوب ڇاڻڻ، تحقيق ڪرڻ، تلاش ڪرڻ.

scrutiny (اسڪريوٽائيني) **n** close, careful or minute in-

vestigation or examination; a searching look; an authoritative or official examination of votes; examination of the catechumens..جاچ، چڪاس، ڪوڇنا، سوجهه، جاچ پڙتال، آزمائش، تحقيقات، جانچ، تفتيش.

scruto (اسڪريوٽو) **n** a kind of stage trap-door.فرشي دروازي جو قسم، پٺي پاسي کلندڙ دروازو.

scruze (اسڪريوز) **vt.** to squeeze..دٻاءُ وجهڻ، نپوڙڻ، نچوڙڻ، نپوڙي رس ڪڍڻ.

scry (اسڪراءِ) **vt & vi.** to descry; to practise crystal-gazing.پري کان ڪجهه ڪجهه نظر اچڻ، سهي ڪرڻ، معلوم ڪرڻ، پريان ڏسڻ.

scuba (اسڪيوبا) **n & adj.** an apparatus used by skin-divers, consisting of a breathing tube attached to a cylinder or cylinders of compressed air.پاڻيءَ ۾ ٽٻي هڻڻ وارن جو ساهه کڻڻ وارو اوزار، ٽوٻن جو پاڻيءَ اندر ساهه کڻڻ وارو اوزار.

scud[1] (اسڪڊ) **n, vt.** a surface-to-surface missile of a kind made in the former Soviet Union; to attack with scud missiles.اسڪڊ ميزائل سان حملو ڪرڻ، زمين کان زمين تي مار ڪرڻ وارو روسي ميزائيل.

scud[2] (اسڪڊ) **vi, vt, n.** (esp of clouds) to sweep along easily and swiftly; (esp of sailing vessels) to drive before the wind; to run or cross swiftly; an act or the action of scudding; driving cloud, shower or spray; a gust; a swift runner.(ڪڪرن جو) تيز تيز هلڻ ۽ ڪول ڦرڻ، بحري جهازن جو هوا ڪري تيز هلڻ، تيزيءَ سان لنگهڻ، تيز ويندڙ ڪڪر، تيز بارش، تيز هوا، واچوڙي نما هوا جو جهٽڪو، تيز ڊوڙندڙ.

scud[3] (اسڪڊ) **vt.** to slap, to hit with a sharp, glancing blow; a spanking.وارَ ڦير ڪرڻ، ڌڪ هڻڻ، چماٽ هڻڻ، سٽڙن کي هٿ سان ڪٽڻ.

scud[4] (اسڪڊ) **n** a state of nudity.اوگهڙ، اگهاڙي حالت ۾، ننا ڪپڙن جي.

scuddle (اسڪڊل) **vt.** to scuttle. جلدي پيچي وڃڻ، ڀڄڻ.

scudo (اسڪيوڊو) **n** an old Italian silver coin.اٽليءَ جو پراڻو چانديءَ جو سڪو.

scuff (اسڪف) **vt & vi, n.** to shuffle, drag or scrape (the feet) on the ground; to brush, graze, scrape (esp shoes or heels while walking) or become grazed or scraped; to make or become shabby by wear; to prod at with the foot; the act or sound of scuffling; a scrape or scratch caused by scuffing.گسيندو هلڻ، زمين تي گسيندو وڃڻ، گسڻ، رهڙڻ، ٻهاري واڱر صفائي ڪرڻ، صاف ڪرڻ، صاف ٿيڻ، استعمال ڪري گسڻ يا ڳرڻ، خراب ٿيڻ، گاٽ جو نشان.

scuffle (اسڪفل) **vi, vt & n.** to struggle confusedly, esp while fighting at close quarters; to shuffle; to hoe, scarify; to shuffle; to poke at or scuff with the foot; to gather, scrape together money; a confused struggle; a thrust-hoe; an agricultural scuffler.مارا ماري ڪرڻ، ڇڪري کائڻ، هٿين پوڻ، ڌڪا مُڪ، ڌڪا ڌومي، فساد ڪرڻ، ڪشمڪش، دنگو فساد مچائڻ، گند گڏ ڪرڻ، گند گڏ ڪرڻ جو اوزار، زرعي اوزار.

scuffler (اسڪفلر) **n** one who scruffles; an implement for scarifying the soil.زمين جي کوٽائيءَ جو اوزار، گڏ ڪرڻ جو اوزار، زرعي اوزار.

scuft (اسڪفٽ) **n** the nape of the neck.ڪياڙي (ڪنڌ جو پوين حصو).

sculduddry, sculduddery or skulduddery (اسڪلڊيوڊري) **n & adj.** a breach of chastity; bawdy talk or writing; bawdy.پاڪدامني ٽوڙڻ، بڪواس ڪرڻ يا اجايو ڳالهائڻ يا لکڻ، فحش اشاري بازي، فحش لکت، فحش ڳالهه ٻولهه، فحاشي، فحش.

scull[1] (اسڪل) **n, vt. & vi .** a short, light spoon-bladed oar used in pairs; an oar used over the stern of a boat; a small, light rowing-boat propelled by sculls; an act or spell of sculling; a race between small, light rowing-boats rowed by one person; to propel with sculls, or with one oar worked like a screw over the stern; to row using sculls..ونجهه، چپو، ڏندو، ٻيڙيءَ کي هلائڻ وارو ڪنگير صورت چپو، ونجهن واري ٻيڙي، هڪ ماڻهوءَ يا هڪ چپوءَ واري ٻيڙي.

scull[2] or **skull** (اسڪل) **n** a shallow basket for fish, etc. مڇيءَ جي ٽوڪري يا چلي، ڪچيءَ جي ٽوڪري، چبي.

sculler (سلر) **n** one who rows with a skull or sculls; a small boat pulled by one person with a pair of sculls.اهو ماڻهو جيڪو ونجهن سان ٻيڙي هلائي، هڪ ماڻهوءَ واري ٻيڙيءَ جو ناکئو، خلاصي.

scullery (اسڪيولري) **n** a room for rough kitchen work, such as the cleaning of culinary utensils; a kitchen. ٿانوَ صاف ڪرڻ جي جاءِ، ٻورچي خانو.

scullion (اسڪليان) **n** a servant employed for kitchen-cleaning, rough work; a mean; contemptible person.مدد گار نوڪر، ننڍو ماڻهو، سست، ڪمچور. مزدور، خدمتگار، ٽهليو، معمولي ڪم ڪار ڪندڙ نوڪر.

sculp[1] (سڪلپ) **vt & vi.** to carve; to engrave; to sculpture.کوٽڻ، نقش ڪرڻ، سنگتراشي ڪرڻ، تراش يا اکر جو ڪم ڪرڻ.

sculp[2] or **sculpt** (اسڪلپ آر اسڪلپٽ) **n** sculptor; sculpture. سنگ تراش، سنگ تراشي، مجسمي سازي، اکر ڪاري.

sculpin (اسڪلپن) **n.** the dragonet, a large-headed spiny fish of no commercial value; a good-for-nothing person or animal. ازدهو، مڇيءَ جو قسم، سادي ٻـ بيڪار مڇي، نڪمو ماڻهو، بيڪار جانور.

sculpsit (اسڪلپسٽ) **n** (he or she) sculptured (this work), sometimes appended to the signature of the sculptor. اهو جنهن (هي) بت يا مجسمو تيار ڪيو آهي. مجسمو تيار ڪرڻ واري جو نشان يا نالو.

sculpt (سڪلپٽ) **vt & vi.** to carve or otherwise shape stone, or out of stone, to sulpture; to carve (Fr). اڪرڻ، ڪپڻ، وڍڻ، نقش ڪرڻ، مجسمو تيار ڪرڻ.

sculptor (اسڪلپٽر) **n** an artist in carving or modelling, esp in stone. سنگتراش، بت تراش، مجسمي ساز، نقاش، بت جوڙيندڙ، بت ساز، بت ٺاهيندڙ.

sculpture (اسڪلپچر) **n** the art of carving wood or stone into images; extended to clay-modelling or moulding for casting; an image, work, or a piece of work, in this art; engraving; shaping in relief; spines, ridges, standing out from the surface; to carve, shape in relief; to represent in sculpture; to mould, or form, so as to have the appearance or other quality of sculpture; to modify the form of the earth's surface. تراشڻ، نقاشي، سنگتراشي، بت سازي، ڪنده ڪاري، مجسمي سازي، بت، مورت، مجسمو، مجسمو سازي ڪرڻ، بت ٺاهڻ، شڪل متاثر، ڌرتيءَ جي صورت متاثر.

sculptured (اسڪلپچرڊ) **adj.** carved; engraved; (of features) fine and regular like a classical sculpture; having ridges on the surface. اڪريل، تراشيل، ڪنده ٿيل، نشان ڪيل، چٽيل، ليڪيل.

scum (اسڪم) **n & vt.** matter coming to or floating on the surface of liquid, esp in the form of foam or froth on a liquor; refuse; worthless, despicable people; to remove the scum from; to form or throw up a scum. آڪر، ڪجهي ترَ چڙهي، ڦيڻ، جارو، فضلو، ڪف، ميل، مڪڻ جي ڪجهي، جوٺ، چٽ، ڪچ، تري ۾ بچيل ڳند.

scumber or **skummer** (اسڪمبر) **vt & vi.** to defecate (used esp of a dog or fox); dung. (جهنگلي جانور جو) ڪن ڪرڻ، ڪرڦتي ڪرڻ، ڳند ڪرڻ، ڪرڦتي، ڇيڻو.

scumble (اسڪمبل) **vt & n.** (in painting and drawing) to modify or soften the effect of (an outline or colour) by a very thin coat of opaque or semi-opaque colour, or by light rubbing or by applying paint with a dry brush; colour laid down in this way; the effect produced. تصويرن يا ڊرائنگن ۾ نرم اثر وجهندڙ تمام سنهو تهه، رنگ جو هلڪو تهه چاڙهي ڪهائي رنگ جي تيزي گهٽائڻ، رنگ هلڪو ڪرڻ، تصوير کي چٽو رنگ ڏيڻ.

scummer (اسڪيومر) **n** a skimmer; an instrument for removing scum. ڦر يا ڪجهي لاهڻ جو اوزار، ڪفگير، ڪڙڇي، چمچو، چاڻو.

scummings (اسڪيومنگس) **n pl** the matter or scum removed from a liquid. ڪير يا پاڻيءَ مٿان لاٿل يا ڪڍيل ڪجهي، هٽايل ڳند، ڪچرو، جارو، ڦيڻ.

scuncheon, sconcheon or **scontion** (اسڪنچيون) **n** the inner part of a door jamb or window frame. دروازي جي اندرين پاسي.

scunge (اسڪنج) **vi & n.** to slink about; to borrow or scrounge; a scrounger; a dirty, sneaky person; accumulated sticky dirt. ڪسڪي ويندڙ، اوڌر وٺڻ، اڌارو گهرڻ، ويندڙ، اڌارو گهري کائڻ، ڦورو، ڪنو ماڻهو، چميل ڳند يا ڪچرو.

scunner (اسڪنر) **vi & n.** to feel loathing; to produce a feeling of loathing in; to disgust, nauseate; an object or a manifestation, of loathing; an irritation or nuisance. ڏڪار، نفرت جهڙو، لـ وڻندڙ، ڏڪار لائق، نفرت لائق، ڪراهت انگيز، ڪراهت آور.

scup or **scuppug** (اسڪپ) **n** the northern porgy, a common marine fish of Atlantic coastal waters of N America. ائٽلانٽڪ سمنڊ جي هڪ عام مڇيءَ جي جنس.

scupper (اسڪپر) **n** a hole draining water from a ship's deck. جهاز جي موري، جهاز جي مٿاڇري جي نيڪال واري ڪسي، نيسارو.

scuppernong (اسڪپرنانگ) **n** a native American grape, from the region of the Scruppernong river, N Carolina; a sweet wine made from it. مٺو شراب، آمريڪا جو مقامي انگور ۽ اُن مان تيار ڪيل شراب.

scurf (اسڪرف) **n** small flakes or scales of dead skin, esp on the scalp, dandruff; an incrustation of flakes or scales. ٻقو، خشڪي، پيڙي، پوسي، مَرَ، ڳرَ، وارن جي مر، مٿي جي خشڪي.

scurril or **scurrile** (اسڪيورل) **adj.** like or worthy of a vulgar buffoon; indecently approbrious or jocular. چرچائي، پوڳائي، شوخ طبيعت، گارين، فاحش.

scurrilous (اسڪيوريليوئس) **adj.** foul-mouthed; indecently abusive and unjustifiably defamatory; obscenly jocular; characterized by vulgar obscene humour. وات جو ڳندو، ڪچو فاحش، ريجالو، اگهاڙو چرچو، ڪميڻو، ذليل، ڪچ مٿيندڙ، ڪچو (حرف)، گار، فحش گفتگو.

scurriour or **scurrier** (اسڪيوريئر) **n** a scout. اسڪائوٽ، قاصد.

scurry (اسڪري) **vi & n.** to run rapidly; to hurry briskly or in a panicky way; to scuttle; flurried haste; a

flurry as of snow; hurry; haste; a short sprint race.تکڙوتکڙو ڊوڙڻ، تکو ڊوڙڻ، تيز وڃڻ، تکڙ ڪرڻ، برف جو تيز پوڻ، ننڍي پيماني جي ڊوڙ.

scurvily (اسڪرولي) **adv.** in a scurvy manner; meanly, basely; shabbily;.. ليچائپ، ڪريل حرڪت، خسيسائپ، حراماپائي، بدمعاش، ڪنجوسائيءَ سان، ڪميڻائپ.

scurvy (سڪروي) **adj.** scurfy; shabby; vile, contemptible; a disease caused by insufficiency of vegetable food; a deficiency of vitamin C when the diet is devoid of fresh fruit and vegetables, characterized by spongy and bleeding gums followed by subcutaneous bleeding..منهن پڃڻ، مهارون پرجڻ، خارش، گوشت خور اگاري، ڪميشو، جرب، خون جي بيماري، خسيس، ڪريل، جي خرابي، ليچ، ڪل جي اندر رت جو وهي هلڻ، هڪ مرض جيڪو وٽامن سيءَ جي ڪميءَ سبب ٿيندو آهي، خوني ڏاڻن جي بيماري.

scurvy grass (سڪروي گراس) n a cruciferous plant used by sailors to treat scurvy.جڙي ٻوٽي (جيڪا خارش يا خون جي خرابيءَ ۾ دوا طور استعمال ڪئي ويندي آهي).

scut (اسڪٽ) n a short erect tail, as in a hare, rabbit or deer; a hare; a contemptuous term for a small person..لنڊو پُڇ، ننڍي پڇ وارو جانور جيئن سهو، هرڻ ۽ ٻيا جانور، ننڍو ساهو، ڪوتاهہ دم.

scutage (اسڪٽيج) n a tax on a knight's fee esp one in lieu of personal or military service.حڪومت يا سرڪار طرفان مقرر ڪيل فوجي يا ڪنهن ٻئي قسم جي ذميواري نہ ڪڻ جي حالت ۾ وصول ڪرڻ وارو محصول.

scutch[1] (اسڪچ) **vt.** to dress by beating; as flax; to switch; a tool for dressing flax, a swingle; a bricklayer's cutting tool.ڪٽي صاف ڪرڻ، سڌو ڪرڻ، ڌڪ هڻي سڌو ڪرڻ، سڻيءَ کي ڪٽي صاف ڪرڻ، سرن ٺاهڻ وارن جو ڪپڻ جو اوزار.

scutch[2] (اسڪچ) n scutch grass سڻيءَ جي قسم جو گاهہ.

scutcher (اسڪچر) n a person, tool or part of a machine that scutches; the striking part of a threshing-mill.سڻيءَ جي ريشي کي صاف ڪرڻ وارو ماڻهو، مشين يا اوزار، ٿهہ لاهڻ واري مشين جو ڌڪ هڻڻ وارو حصو.

scute (اسڪيوٽ) **n.** a scale, as of a reptile; an armour plate; a scutum; an ecu, a French coin; any coin of small value. ڇال، بدن پردو، غلاف، ڪميءَ يا ڪچونءَ جي سخت کل، چرندڙ جانور جي سخت کل يا ڇلر، هڪ فرينچ معمولي سڪو.

scutellation (اسڪيوٽيليشن) n the arrangement of scales or plates on an animal's body.جانور جي بدن تي ڇلرن جي بيهڪ، جانور جي کل جي ڇلرائين بيهڪ، قشر شڪل خول بندي.

scutellum (اسڪيوٽيلر) **n.** a scale of a bird's foot; the third tergal plate of the notum of an insect's thorax; a structure, supposed to be the cotyledon, by which a grass embryo absorbs the endosperm..ڇلر، پردي خول، ڪوپو، ڪڇڙو ڇلڪو، ڪڇڙو تهہ.

scutiger (اسڪيوٽائيگر) n a squire; a centipede of the genus scutigena, giving name to the family.وڏو ماڻهو، سڪرماڻهو، سئوپيرو جيت، سوپاري (جيت)، ڪن سوپاري.

scutter (اسڪٽر) **vi & n.** to turn hastily, scurry; a hasty run. تکڙ ۾ ڦرڻ، ڊوڙڻ، تکڙو تکڙو ڊوڙڻ، تکڙو پڇڻ.

scuttle[1] (اسڪٽل) n a broad and shallow basket; a pail or fireside container for coal. ڇٻي، ٽوڪري، ڪوئلي دان، ڪوئلي ٽانڊ، تراڪڙو ٽوڪرو، (اگرن لاءِ) ڇٻي.

scuttle[2] (اسڪٽل) **n & vt.** an opening or hatchway in a ship's deck or side; its lid; a shuttered hole in a wall, roof; its shutter or trapdoor; to make a hole in, or open the lids of the scuttles, of, esp in order to sink; to destroy, ruin.جهاز کي ٽنگ، ڳڙکي، سوراخ، پاٽيءَ جو ليڪال، ديوار جو سوراخ، ڇت جو سوراخ، ڍڪ بند رستو، جهاز کي ٽنگ ڪري ٻوڙڻ.

scuttle[3] (اسڪٽل) **vi & n.** to move or run with short rapid steps, scurry; an act of scuttling..ڀڄ، ڀاڄڙ، ڊوڙ، تکڙو هلڻ، ڊوڙڻ، ڊوڙ ڍڪ ڪرڻ، سوراخ ڪرڻ.

scutum (اسڪيوٽر) n the oblong shield of Roman heavy-armed infantry; a scute; the second tergal plate of the notum of an insect's thorax.مستطيل شڪل ڍال، ڍڪهي ڍال، جيت جي سيني جو ڇلر يا سخت تهہ.

scuzz (اسڪيوز) n dirt; seediness; something distasteful; an unpleasant, disreputable or worthless person..مٽي، ڌوڙ، ڌڌڙ، بي سواد، ڪني، ڪن پريل، بي مزي، خوار، خراب، بيڪار ماڻهو، بدنام، گندو، نڪمو.

scybalum (اسڪائيبلر) n a lump or mass of hard faeces in the intestine. سخت گونهہ مادو، ڊڳل، ڊگ.

scye (اسڪائي) n an opening or cuve in a garment for the insertion of a sleeve. قميص ۾ ٻانهن جوڙڻ وارو خال.

Scylla (اسڪائلا) n a six-headed monster who sat over a dangerous rock on the Italian side of the straits of Messina, opposite Charybdis, and seized or drowned sailors from passing ships.هڪ ديو مالائي ڇهن مٿن وارو اجگر جيڪو مسينا جي جبل تي ۽ سمنڊ جي ڪناري تي ويهي ايندڙ ويندڙ جهازن ۽ خلاصين کي پڪڙي ٻوڙيندو هو.

scyphistoma (اسڪائي استوما) n the segmenting polyp stage of a jellyfish. جيلي مڇيءَ جي نلي يا شروعاتي حالت.

scyphozon (اسڪائي فوزون) n any of a class of medu-

soid coelenterates, a jellyfish.سيپيء وانگر جانور. پيالي نما جانور، صدفي جيوت، جيلي مڇي.

scyphus (اسڪائي فس) n a large ancient Greek drinking-cup; a cup-shaped structure.تاج گل. پيالي شڪل بناوت، يوناني پيئڻ وارو ڪوپ يا مگ.

scytale (اسڪائي ٽيل) n a spartan secret writing on a trip wound around a stick, unreadable without a stick of the same thickness.اڳوڻي زماني جي هڪ مخفي لکت جيڪا هڪ ڪاٺيء تي ويڙهيل پٽي تي لکي ويندي هئي ۽ اهڙيء ڪاٺيء تي ويڙهي پڙهي سگهبي هئي.

scythe (اسڪائيٿ) n, vt & vi. an instrument with a large curved blade and wooden handle, for mowing or cropping by hand; a blade attached to the wheel of a war chariot; to cut with a scythe; to mow down with a scythe.ڏاتو، ڪريي، ڏاٽي، ڏکهي لُڻ وارو. ڏاتو، ڪاتر، هٿ جو اوزار جنهن کي ٻن ملين سان ڏکهو ڪاناٺون لُڻ ٿيي ٿو، گاهه لڻڻ واري ڏاٽي جو قسم.

scythed (اسڪائيٿيڊ) adj. armed or cut down with scythes. ڏاٽي سان لٺيل گاهه، ڏاٽي سان مسلح.

scyther (اسڪائي ٿر) n a person who uses a scythe.ڏاٽي جو استعمال ڪندڙ، ڏاٽي سان لڻندڙ.

scytheman (اسڪائيٿمين) n a scyther.ڏاٽي جو استعمال ڪندڙ.

scythe-stone (اسڪائيٿ استون) n a whet for scythes.ڏاٽي نما پٿر، ڏاٽي تکي ڪرڻ وارو پٿر.

sdeigne or sdeign (زڊين) vt. & vi. to disdain.نفرت ڪرڻ، ڌڪارڻ، حقارت سان ڏسڻ، ڪين جهڙو جاڻڻ.

sea (سي) n, adj. the great mass of salt water covering the greater part of the earth's surface; the ocean; any great expanse of water; a great lake (esp salt), mainly in proper names; (a given height of) swell or roughness; a large wave; the surge; the tide; a maritime career; a flood; a seemingly limitless mass or expanse; marine. ڪارو، سائر، ساگر، درياهه، ندي، بَحرُ، سمنڊ، وڏو سمنڊ، عميق، موج، لهر، وڏي لهر، وير، بحري نوڪري، بحري وسعت، سمنڊن جي ڌرتيء تي ٻيهڪ.

sea acorn (سي ايڪارن) n an acorn-shell.بحري بلوط، بلوطي صدف ماهي، سگ صدف.

sea adder (سي ايڊر) n a pipefish; a marine stickleback. مڇيء جو قسم، سامونڊي نانگ شڪل مڇي.

sea air (سي ايئر) n the air at sea or at the seaside.بحري هوا، سامونڊي هوا، نسيم بحري.

sea anchor (سي اينڪور) n a floating anchor used at sea to slow a boat down, or maintain a direction سمنڊ ۾ بيهاريل ترندڙ بيهڪ واريون شيون، بويو، ترندڙ لنگر يا لنگرنما اوزار.

sea anemone (سي اينيمن) n a beautiful sea-shore plant-like animal. بحري گل، سامونڊي گل، گل نما مرجان.

sea ape (سي ايپ) n the sea otter; the thresher shark; a manatee. لاڌڙو، شارڪ مڇيء جو هڪ قسم، مناتي يا سامونڊي گئون جانور.

sea aster (سي ايسٽر) n a flowering plant of salt marshes. سامونڊي يا کاري پاڻيء جو گلن وارو ٻوٽو.

sea bank (سي بئنڪ) n the seashore; an embankment to keep out the sea. ساحل، ساحل سمنڊ، سمنڊ ڪنارو.

sea bass (سي باس) n a perchoid marine fish of various kinds. هڪ سامونڊي مڇيء جي جنس.

sea bat (سي بيٽ) n a name for various fishes with long or outspread fins. چمڙي شڪل سامونڊي مڇي.

sea bean (سي بين) n the cocoon or other seed cast up the sea; a mollusc's operculum, worn as an amulet.سمنڊ تي ٿيندڙ ٻوٽن جو هڪ مٽر صورت داڻو يا ٻج، ڪوڏ جو قسم، تعويذ طور پائڻ وارو ڪوڏ.

sea bear (سي بيئر) n the polar bear; the fur seal.سگ ماهي، بحري رڇ، قطبي رڇ، برفاني اڇو رڇ.

sea-beat or sea-beaten (سي بيٽ) adj lashed by the waves. لهرن سٽيل سمنڊ جي لهرن ڪري ڪناري يا زمين تي ٿيل نشان.

sea-bed (سي بيڊ) n the bottom or floor of the sea.سمنڊ جو ترو، سمنڊ جو تر.

seabee (سي بي) n a member of a US navy construction battalion. سمنڊ تي اڏاوت ڪرڻ واري آمريڪا جي بحري فوج.

seabelt (سي بيلٽ) n another name for sugar kelp.مٺي ڪائي، دريائي گاهه.

sea bird (سي برڊ) n any marine bird.ساحلي پکي، سامونڊي پکي، ڪينو يا ڪينائي پکي.

sea biscuit (سي بسڪيٽ) n ship's biscuit, hardtack.سمنڊ تي استعمال ڪرڻ وارا سخت بسڪوٽ، سخت لولي.

sea blite (سي بلائيٽ) n a salt marsh plant of the goose-foot family.سامونڊي يا ڍڳي علائقي جو ڪرڙ ٻوٽو، لوڻڪ جهڙو بحري گاهه، هنج پيرو ٻوٽو.

sea blubber (سي بلبر) n a jellyfish. جيلي مڇي.

sea board (سي بورڊ) n, adj. a coast or seashore; bordering on the sea. سامونڊي ڪنارو، سامونڊي ڪنارن تي آباد ملڪ، ساحلي ملڪ.

sea boat (سي بوٽ) n craft with reference to its sea-worthiness in bad weather.اهڙيون ٻيڙيون جيڪي خراب يا طوفاني حالت ۾ ۽ مسافري ڪري سگهن، مضبوط قسم جو سامونڊي ٻيڙو.

sea boots (سي بوٽس) **n** long waterproof boots worn by sailors. خلاصين جي پائڻ وارا وڏا (گوڏن تائين ايندڙ) بوٽ.

sea-born (سي بارن) **adj** produced by the sea; born at seas. ساموڊي پيدائش، سمنڊ ۾ پيدا ٿيندڙ شيون، سمنڊ تي جاول، ساموڊي يا بحري مسافريءَ وقت ڄاول ٻار.

sea-borne (سي بورن) **adj.** carried on or by the sea. سمنڊ طرفان هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچايل شيءِ، بحري مسافري، بحري آمد و روانگي.

sea-bottle (سي باٽل) **n** a translucent inflated seaweed; a bladderwrack. بوتل صورت ساموڊي ٻوٽو، هوا ڀريل ٿيلهين وارو ساموڊي ٻوٽو.

sea-bottom (سي باٽم) **n** the floor of the sea.. سمنڊ جو تر، ساموڊي ترو، سمنڊ جو تهه.

sea breach (سي بريچ) **n** an inroad of the sea. سمنڊ جو چاڙهه، سمنڊ جي چاڙ.

sea bream (سي بريم) **n** any fish of the Sparidae family of European seas; also applied to any fish of the Bramidae, a family related to the mackerels. ڏنديو، ڪسي، ڏالي، ڦوڪيو، ڏنديو قسم جون ساموڊي مڇيون.

sea breeze (سي بريز) **n** a wind or current of air blowing from sea upon land; breeze from the sea, esp owing to convection in the day time. نسيم بحري، ساموڊي هير، ساموڊي هوا، بحري هوا.

sea buckthorn (سي بڪٿارن) **n** a willow-like seaside shrub of the family Eleagnaceae. بحري ٻوٽو.

sea bun (سي بَن) **n** a common name for the heart-urchin. بحري مخلوق.

sea burdock (سي برڊاڪ) **n** another name for clotbur (Xanthium). مٽي جي وارن کي ٻيلو ڪرڻ وارو رنگ ڏيندڙ ٻوٽو.

sea butterfly (سي بٽرفلائي) **n** a pteropod. بحري پتنگ، پر والنگر پير، ڪنب نما پير جاندار.

sea cabbage (سي ڪيبيج) **n** sea kale.. بحري گوبيءَ جهڙو ٻوٽو.

sea calf (سي ڪالف) **n** the common seal. دريائي ڦر، (جانور جو)، سيل جانور.

sea canary (سي ڪينيري) **n** the white whale. اڇي وهيل مڇي.

sea cap (سي ڪيپ) **n** a cap worn on shipboard. خلاصين جي ٽوپي.

sea captain (سي ڪيپٽن) **n** the captain of a merchant ship. بحري جهاز جو ڪپتان.

sea card (سي ڪارڊ) **n** a compass card; a sea chart. ساموڊي يا بحري نقشو.

sea cat (سي ڪيٽ) **n** a catfish; the great weever, a spring fish; the wolf fish or sea wolf; a shark. بحري ٻلي، دريائي ٻلي، ڪٻو، سنگهاڙو، رنجي، شوڪير، ڪيڻ، گلو، سيل يا شارڪ مڇي.

sea change (سي چينج) **n** a change affected by the sea; a complete transformation. سمنڊ جي اثر ڪري ايندڙ فرق يا بدلجڻ، مڪمل بدلجڻ واري حالت.

sea chest (سي چيسٽ) **n** a sea-man's trunk. خلاصيءَ جي پيٽي.

sea cliff (سي ڪلف) **n** a cliff fronting or formed by the sea. سمنڊ جي ڪناري جي اڀي زمين يا ساموڊي چوٽي.

sea coal (سي ڪوئل) **n** coal in the ordinary sense, mineral coal not charcoal. معدني ڪوئلو، بحري پٿر جو ڪوئلو.

sea coast (سي ڪوسٽ) **n** the land adjacent to the sea. سمنڊ جو ڪنارو، ساحل، بحري ڪنارو.

sea cob (سي ڪاب) **n** another name for a seagull. ساموڊي ڪيناٽي پکي.

sea cock (سي ڪاڪ) **n** a gurnard, a type of fish; a valve communicating with the sea through a vessel's hull; a bold sea rover.. بحري پکي، مڇيءَ جو قسم، سمنڊ ۾ پيغام رسانيءَ جو سلسلو، سمنڊ تي هلڪيءَ ٻيڙيءَ ۾ مسافري ڪندڙ خلاصي.

sea colewort (سي ڪولورٽ) **n** sea kale; wild cabbage. بحري گوبي، جهنگلي گوبي ٻوٽو.

sea cow (سي ڪائو) **n** the walrus; any sirenian, such as the dugong or manatee; the hippopotamus. دريائي ڳئون، دريائي گير پيارينڌڙ جانور، ساموڊي جانور، گينڊو جانور.

sea craft (سي ڪرافٽ) **n** skill in navigation; seamanship; any seagoing craft. بحري مسافريءَ جي ڄاڻ، سمنڊ تي جهاز هلائڻ جو هنر، بحري جهاز، ٻيڙو، بحري سواري.

sea crow (سي ڪرو) **n** a cormorant. ماهي خور پکي، وڏو وسلي پکي.

sea cucumber (سي ڪيوڪمبر) **n** any burrowing echinoderm of the class with an elongated cucumber-like body, such as the trepang, beche-de-mar. بحري ونگو (ٻوٽو)، ساموڊي ڪيڙو.

seacunny (سيڪني) **n** a lascar steersman or quartermaster. بحري جهاز جو خلاصي يا ننڍو عملدار.

sea dace (سي ڊيس) **n** the bass.. بار، ڪٻي جي قسم جي مڇي، سنڪ مڇي.

sea devil (سي ڊيول) **n** the devil fish. ساموڊي مڇي، ساموڊي شيطان.

sea dog (سي ڊاگ) **n** a dogfish; the common or harbour seal; an old or experienced sailor; a pirate; a beast like a talbot with a dorsal fin and beaver's tail; a luminous appearance over the horizon, presaging bad weather. سگ بحري، سيل جنس جانور، قزاق،

بحري ڌاڙيل، غير تجربيڪار خلاصي، هڪ ساموندي جيوت، خراب موسم ۾ آسمان تي نظر ايندڙ روشنيءَ جو ليڪو.

sea dotterel (سي ڊاٽريل) n another name for the turnstone. چڪي، جنڊ، چانڊو.

sea dove (سي ڊوو) n another name for the little auk. ننڍو ڪينو پکي.

sea dragon (سي ڊريگان) n any of various fishes, eg the dragonet and types of seahorse. گهوڙي مڇيءَ جو قسم.

sea drome (سي ڊروم) n a floating aerodrome. جهازن جي لهڻ لاءِ ترندڙ بيهڪ يا بحري جهاز، سمنڊ ۾ اهڙي بيهڪ جتي جهاز لهي ۽ اڏامي سگهن.

sea duck (سي ڊڪ) n any duck of the pochard group. ساموندي بدڪ، قاز پکي، لورانڊو جنس جي بدڪ.

sea dust (سي ڊسٽ) n dust deposited on the sea from a distant land. زمين جي تري تي هوا سان گڏ ايندڙ جمع ٿيل مٽي.

sea eagle (سي ايگل) n any of several fish-eating eagles that live near the sea, such as Haliaetus albicilla the white-tailed eagle. بحري عقاب، ماهي خور عقاب پکي، بحري سرڻ، مڇي خور عقاب پکي.

sea ear (سي ايئر) n an otmer ڪن جي شڪل وارو ڪوڏ.

sea eel (سي ايل) n a conger.. بام ۽ سنگ جي جنس جون مڇيون.

sea egg (سي ايگ) n a sea urchin. ساموندي جانور، ساموندي چاهو.

sea elephant (سي ايليفينٽ) n the elephant seal. سونڊ واري سيل مڇي، ساموندي سيل جانور، هاٿي نڪ سيل جانور، ساموندي هاٿي.

sea fan (سي فين) n an alcynarian coral with a fanlike skeleton. ساموندي مرجاني پر يا وڃڻي شڪل بيهڪ.

sea farer (سي فيرر) n one who fares or travels by sea; a mariner; a seaman. خلاصي، جهازي، ناکئو، گهاتو، ونجارو، ڪارائي، ملاح.

sea feather (سي فيدر) n a feathery alcyonarian, the sea pen. کنب صورت ساموندي جيوت جيڪا سمنڊ جي بلڪل هيناهين حصي يا تري واري حصي ۾ ملي ٿي.

sea-fight (سي فائيٽ) n a naval action; a battle between ships at sea. بحري جهازن جي درميان جنگ.

sea fir (سي فر) n a hydroid whose delicate branched structure resembles a fir. ساموندي فرن شڪل جيوت.

sea fire (سي فائر) n phosphorescence at sea. سمنڊ تي روشن نظر ايندڙ جيوت.

sea fish (سي فش) n any salt-water or marine fish. ساموندي مڇي، کاري (پاڻيءَ) جي مڇي.

sea-foam (سي فوم) n the froth on the sea formed by the action of the waves. سمنڊ گجي.

sea fog (سي فاگ) n a fog on or coming from the sea. سمنڊ تي موجود يا ايندڙ ڪوهيڙو، ڌنڌ، لڙات.

sea food (سي فوڊ) n food got from the sea, esp shellfish. سپ واري مڇي، گهونگهو، سمنڊ مان حاصل ٿيندڙ کائڻ واريون شيون، مڇي وغيره.

sea fowl (سي فائول) n a seabird. سمنڊ جو شڪاري پکي، جيئن آڪ، ڪينا، اباتروس ۽ بطريل پکي، تجري پکي.

sea fox (سي فوڪس) n another name for the threser, or fox shark. شارڪ مڇيءَ جو هڪ قسم، لومڙ شڪل شارڪ مڇي، ساموندي لومڙ.

sea fret (سي فريٽ) n a fog coming in land off the sea. ڌنڌ يا لڙات جيڪا سمنڊ مان ٻاهر زمين تي اچي.

sea front (سي فرنٽ) n the side of the land, of a town, or of a building that looks towards the sea; a promenade with its buildings fronting the sea.. ڪا جڳهه، زمين يا شهر جنهن جي مهاڙي سمنڊ جي پاسي هجي.

sea froth (سي فراٿ) n the foam of the sea; formerly, meerschaum. سمنڊ جي گجي يا ڪف، سمنڊ گجي.

sea furbelow (سي فربيلو)n a brown seaweed with a bulb of tentacular outgrowths above the primary holdbast. سمنڊ جي آلي، سمنڊ جو ڪاچرو گاهه.

sea gate (سي گيٽ) n a seaward gate of a tidal basin; an outlet to the sea. سمنڊ طرف وهڪري تي ٺاهيل دروازو.

sea gherkin (سي گهيرڪن) n the sea cucumber. ساموندي کيرو يا ولڪو، ولگي صورت ساموندي جيوت يا جانور، کيري شڪل ساموندي جانور..

sea gillyflower (سي گليفلاور) n thrift.. ڪفايت، بچت قناعت، ڪفايت شعاري.

sea ginger (سي جنجر) n millepore coral.. مرجاني جيوت، ساموندي مرجان.

sea girdle (سي گرڊل) n tangle. منجهائڻ، الڪائڻ، ڦاسائڻ.

sea-girt (سي گرٽ) n surrounded by seas.. سمنڊ گهيريل، سمنڊ وڪوڙيل ٻيٽ.

sea god or sea goddess (سي گاڊ آرگاڊيس) n a god or goddess ruling over or dwelling in the sea.. ديوي، ديوتا جيڪو سمنڊ تي حڪومت ڪري.

sea-going (سي گوئنگ) adj. travelling by sea, as a vessel which trades with foreign ports. ساموندي سفر ڪندڙ، بحري ذريعا استعمال ڪندڙ، ٻاهرين ملڪن يا بندرن تي سامان کڻي ايندڙ ويندڙ.

sea-gooseberry (سي گوزبيري) n a common ctenophore, like a gooseberry in shape. ساموندي خارتوت يا ڪروندي ميوو.

sea grape (سي گريپ) n any plant of the genus Ephedra, or its fruit; seaside grape; another word for

glasswort; gulfweed; cuttlefish eggs in masses. سامونڊي ڪنارن جو الگوري ٻوٽو ۽ ميوو. مختلف قسمن جا ميويدار سامونڊي ٻوٽا.

sea grass (سي گراس) n a grass or grass like plant growing by or in the sea. گاهه يا ٻيا ٻوٽا جيڪي سمنڊ ۾ ٿين.

sea green (سي گرين) n the greenish colour of sea-water. نيراڻ مائل ساوو رنگ، سمنڊ جورنگ، ساوو گهرو رنگ، بحري رنگ، سبز آسماني رنگ.

sea gull (سي گل) n a gull; a casual dock-labourer not yet admitted to a union; a rugby player who hovers around the periphery of play waiting for the ball. سامونڊي ڪينو پکي، بندر تي ڪم ڪرڻ وارو ڪچو مزدور، رگبي رانڊ جو هڪ رانديگر.

sea haar (سي هار) n a haar. اتر، اوبر سمنڊ طرف سرد ڪوهيڙو، سامونڊي ڪوهيڙو.

sea hare (سي هيئر) n a tectibranch gasteropod with earlike tentacles. بحري سهي يا سيهڙ شڪل صدفي جيوت.

sea hawk (سي هاڪ) n a skua. سامونڊي باز، بحري عقاب.

sea heath (سي هيٿ) n a wiry heath-like pink-flowered plant of salt marshes and chalk cliffs. سامونڊي ڪنارن جو گلا بي گلن وارو ٻوٽو.

sea hedgehog (سي هيجهاگ) n a sea urchin; a globe-fish. سامونڊي ڪنڊن يا سوئن وارو جانور، خارماهي، خار پشت ماهي، سيڙهي مڇي.

sea hog (سي هاگ) n a porpoise. بلهڻ، بحري سوئر.

sea holly (سي هولي) n a European plant with spiny stems, that grows on seashores. سامونڊي ڪنارن جو ڪنڊن وارين شاخن وارو ٻوٽو، سامونڊي ڪناري جو سدا بهار ٻوٽو.

sea horse (سي هارس) n the walrus; the fabulous hippocampus, a sea monster with the head and body of a horse and the tail of a fish; any marine fish of the genus Hippocampus with a prehensile tail and a horselike head, that swims in an upright position; the hippopotamus. بحري گهوڙو، درياهي گهوڙو، بحري گينڊو، خيالي سامونڊي اجگر جانور (جنهن لاءِ چيو ويندو هو ته جهازن کي اولڙو ڪري ٻوڙيندو آهي)، سامونڊي شينهن، سامونڊي کير پيارينڊڙ جانور.

sea hound (سي هائونڊ) n dogfish بحري سيل جانور، منگرو، ڪکو مڇي.

sea-island (سي آئرلينڊ) adj (of cotton) of the kind grown on the islands off the coast of south Carolina آمريڪي ٻيٽن ۾ ٿيندڙ ڪپهه جي جنس.

sea ivory (سي آئووري) n a lichen found on sea cliffs. سامونڊي عاج، سامونڊي ڪنارن تان ملندڙ عاج جهڙا ٻوٽا.

sea jelly (سي جيلي) n jellyfish. جريا مڇي، جيلي مڇي.

sea kale (سي ڪيل) n a fleshy, sea-green cruciferous seaside plant cultivated for its blanched sprouts, eaten as food. بحري گوبي، گوبيءَ جي جنس جي ڀاڄي.

sea kale beet (سي ڪيل بيٽ) n another name for chard. چقندر، اڇي بيٽ جو قسم، گوگڙو ڀاڄي.

sea keeping (سي ڪيپنگ) n maintenance of navigational control and stability in rough seas. سمنڊ ۾ جهاز هلائيندي ان جي سنڀال ڪرڻ.

sea king (سي ڪنگ) n a Viking chief who led raids on the coastal areas of Europe; a king of the merfolk; Poseidon or Neptune بحري قزاق، سامونڊي ڌاڙيل، ڌاڙيلن جو بادشاهه يا سردار.

seal[1] (سيل) n, vt. vi. a piece of wax, lead or other material, stamped with a device and attached as a means of authentication or attestation; the wax stamped with a seal; assurance; a wafer, circular mark or other substitute; a piece of wax, stamped or not, used as a means of keeping something closed; the design stamped; an engraved stone or other stamp for impression; a device, or a trinket of similar form; an adhesive label; a token or symbol to confirm a bargain; any device which keeps something closed; an obligation to secrecy; an impression; a device to prevent the passage of a gas, air, water; water in a gas-trap; a road surface sealed with bitumen; an animal's esp an otter's footprint; to put a seal on; to stamp; to fasten with a seal; to give confirmation of; to ratify; to close up; to enclose; to decide, settle irrevocably; to set apart. لاک، ميڻ، سيل مادو، مهر، ڇاپ، مهر هڻڻ، سيل ڪرڻ، ليو، شيشي جو مادو، ثبوت، سنهو سڪوت، ضمانت، گول نشان، گول مهر، سربمهر، ليو لڳل نشان، پٿر مان ٺاهيل مهر، اکر ڪري تيار ڪيل مهر، سوٽي، ٻيانو، ڪنهن سودي کي پڪو ڪرڻ جي نشاني، خفيه يا دل ۾ رکڻ جو واعدو، وچن، گئس، هوا يا پاڻيءَ کي روڪڻ جو نظام، دڳ جو مٽاچرو جنهن تي ڏامر ۽ ريتيءَ جو تهه چڙهيل هجي، لڌڙي جي پير جونشان، بند ڪرڻ، لڪائڻ، چپائڻ، سودو پڪو ڪرڻ، معاهدو مڪمل ڪرڻ، ثاهه تي صحيح ڪري خاطري ڪرڻ، الڳ ڪري رکڻ، جدا ڪرڻ.

seal[2] (سيل) n a member of the Pinnipedia, carnivorous marine mammals, incl the eared seals of the family (sea lions and fur seals) and the true or earless seals of the family ie common seal, monk seal and elephant seal, sealskin; made of seal or sealskin; to hunt seals. سيل، هڪ سامونڊي جانور، گوج مڇي، سامونڊي شينهن، سگ ماهي، درياهي ڦر، مختلف قسم جا سيل جانور، کير پيارينڊر بحري جانور، جن مان هڪ قسم کي ڪن ٿين ته ٻئي کي ڪولڻ ٿين، سيل مڇيءَ جي کل، سيل مڇيءَ جي کل مان ٺاهيل پوشاڪ، سيل مڇين جو شڪار ڪرڻ.

seal3 (سيل) **vt, n** to tie up; a rope or chain for tying up an animal.رسي سان ٻڌڻ. بند ڪرڻ. ملڻ. رسيءَ سان يا زنجير سان (جانور کي) سوگهو ڪرڻ.

sea lace (سي ليس) **n** a brown seaweed.ڀوري سمنڊ الي. قيت ول (ٻوٽو).

sea lane (سي لين) **n** a navigable passage, delineated on charts, between islands, ships, ice-floes; an established route taken by ships at sea.نقشو ناهڻ. نقشو ليڪڻ. بحري رستو. نقشي تي نشان ڪيل آهي جڳهون جتي (ٻيٽن درميان) جهاز بنا نقصان جي هلائي سگهجي.

sealant (سيلينٽ) **n** any device or esp cement-like substance used to seal a gap to prevent the passage of water, etc.ڪوئي اوزار يا سيمينٽ جهڙو مادو جنهن سان نل جي، پاڻيءَ جو وهڻ بند ڪجي. ڪنهن ڏر يا چير کي سيل بند ڪرڻ وارو مادو.

sea lark (سي لارڪ) **n** any of various shore birds, eg the sandpiper; the rock pipit.سامونڊي ڪنارن جا پکي. جابلو ٻوڙيءَ چندول يا ڍوليئر قسم جا پکي.

sea lavender (سي ليونڊر) **n** a salt-marsh plant of the plumbaginaceous genus Limonium.سامونڊي ڪنارن جا خوشبودار ٻوٽا.

sea law (سي لا) **n** maritime law, esp medieval customary law. سامونڊي قانون. بحري قانون. جهاز رانيءَ متعلق قانون.

sea lawyer (سي لاير) **n** a low ranking-sailor versed in the intricacies of maritime law, disputatiously standing on his rights, or finding fault with his superiors' decisions; a shark.بحري خلاصي يا ناکئو جيڪو جهاز رانيءَ جي قاعدن قانونن کان واقف هجي. خلاصي جنهن کي سمنڊ تي مسافريءَ دوران پنهنجن حقن جي ڄاڻ هجي ۽ انهن جي گهر ڪري.

sealed-beam (سيلڊ بيم) **n** (of car headlights) consisting of a complete unit sealed with a vacuum.مڪمل طرح سان بند ٽيل گاڏيءَ جون مکيه بتيون.

sealed book (سيلڊ بڪ) **n** something beyond one's knowledge or understanding..ڪنهن جي ڄاڻ ٻرئي ايندڙ. اهڙي شي جيڪا ڪنهن جي ڄاڻ يا سمجهه کان ٻاهر هجي.

sea legs (سي ليگس) **n** ability to walk on a ship's deck when it is pitching or rolling; resistance to seasickness. جهاز جي هل چل وقت گهمڻ جي سگهه. سامونڊي مسافريءَ واري بيماريءَ کي برداشت ڪرڻ جي قوت.

sea lemon (سي ليمن) **n** a type of sea slug, with a warty yellowish body. بنا کوپي يا نرم کوپي واري سامونڊي جيوت. نرم کوپي وارو ڪوڏ.

seal-engraving (سيل اينگريونگ) **n** the art of engraving seals.پٿرن کي کوٽڻ جو فن. پٿرن کي ڪٽي مهرون يا صورتون ناهڻ جو فن يا هنر.

sea lentil (سي لينٽل) **n** gulfweed. سامونڊي گاهه.

sea leopard (سي ليوپرڊ) **n** a spotted seal of the southern seas, esp of the genus Ogmorhinus.سيل جانور. چيتو سيل. سامونڊي شينهن.

sealer (سيلر) **n** one that seals; a substance used to coat a surface for protection, impermeability, etc. بند ڪرڻ وارو ماڻهو. سيل بند ڪرڻ وارو مادو. ته چاڙهڻ وارو مادو.

sealery (سيلري) **n** seal-fishery.سيل مڇيون پڪڙڻ. ماهي گيري.

sea lettuce (سي ليٽوس) **n** a seaweed, with flat translucent green fronds, green laver. سامونڊي گاهه.

sea-level (سي ليول) **n.** the level of the surface of the sea. سامونڊي سطح. بحري سطح. سطح آب.

sealfisher (سيل فشر) **n** a hunter of seals; a sealing ship. مهائو. ماهي گير. مير بحر. سيل مڇي پڪڙيندڙ جهاز.

sealgh or sealch (سيلگهه) **n** a seal (the animal).سگ. بحري. هڪ سامونڊي جانور. دريائي ڦر. ٻلي شڪل بحري جانور.

sea line (سي لائين) **n** a coastline; the sea horizon.سمنڊ جو ڪنارو. سمنڊ جو آسمان سان ملندڙ نشان. افق. سامونڊي افق.

sealing (سيلنگ) **n.** the operation of taking seals and curing their skins. سيل مڇين (سامونڊي جانورن) کي پڪڙڻ ۽ انهن جي کلن کي تيار ڪرڻ (رنگڻ) جو عمل.

sealing-wax (سيلنگ ويڪس) **n** bees-wax or a composition of shellac, turpentine, vermilion or other colouring matter, for making decorative seals..چوٽ. لاک. ڪئولر. ميڻ. مهر لڳائڻ يا سيل ڪرڻ جي لاک.

sea lion (سي لاين) **n** a large seal with external ears and with hind flippers turned forward; a lion with the tail of a fish. سامونڊي شينهن جهڙو جانورجنهن جو پڇ مڇيءَ جهڙو هجي. سيل جانور. شينهن سيل. سامونڊي شينهن جانور.

sea loach (سي لائچ) **n** a rockling. ڪا ٻه ننڍي سامونڊي مڇي.

sea loch (سي لاچ) **n** a lakelike arm of the sea.نهر يا نديءَ نما سمنڊ جي شاخ. سمنڊ جي ڇاڙ. نار.

seal-off (سيل آف) **n** to make it impossible for any thing, person, to leave or enter an area.ناممڪن بنائڻ. ڪنهن جڳهه ۾ داخل ٿيڻ کان روڪ جو نظام. اچڻ وڃڻ کان مڪمل طور بند ڪيل جڳهه.

sea longworm (سي لانگورم) **n** a namertean worm. زميني نالي وارو ڪيڙو.

seal-pipe (سيل پائيپ) **n** a dip-pipe. ٻڏل پائيپ. نڙو.

seal point (سيل پوائنٽ) **n** a variety of Siamese cat, with a dark brown face, paws and tail..ٻليءَ جو قسم. سيامي يا ٿائلنڊ جي هڪ پالتو نسل واري ٻلي (هن جو منهن، ننگون ۽

پچ ڪاري رنگ جا هوندا آهن

seal ring (سيل رنگ) n a signet-ring. مُندڙيءَ جي مُهر. مهر جا منڊيءَ ۾ لڳل هجي.

seal rookery (سيل روڪري) n a seals' breeding-place. سامونڊي جانورن جي پرورش جو هنڌ. سيل جانور جي ٻچا ڏيڻ واري جاءِ. سيل جي رهڻ واري جاءِ. سيلن جي موجودگيءَ وارو هنڌ.

seal skin (سيل اسڪن) n the prepared fur of the fur-seal, or an imitation (eg of rabbit-skin or of mohair); a garment made of this. سامونڊي جانور جي پشم واري کل. سيل جانور جي کل يا چمڙي ۽ اُن مان ٺاهيل پوشاڪ.

sea lung (سي لنگ) n a ctenophoran. جيلي مڇي جنس. سامونڊي مخلوق. ڪنگيءَ جهڙي ترندڙ عضون واري مخلوق.

sealyham (سيلي هام) n a long-bodied, short-legged, hard-coated terrier dog. وڏي جسم. ننڍين لنگن ۽ سخت چمڙيءَ وارا ڪتا.

seam[1] (سيم) n, vt. the joining of two edges of cloth; a line of juncture; the turned-up edges of such a joint on the wrong side of the work; the ornamentation of such a joint; a piece of sewing work; a weld or other joint between edges; a re-stitched surgical incision; a wrinkle; a vein of metal, coal etc; a scar; (in cricket) seam bowling; to join, provide, or mark with seams; to pick out the seams of; to scar. لوپو. ڳنڍ. ڪير. سنڌ. تهه. ڏاري طبقو. داغ. نشان. گهنج. ابتوسبتوڳنڍ. ڳنڍ کي سهڻوڪري ٻڌارڻ. وري سبيل. جراح جو چيرو. پٿر جو هلڪو يا ڪمزور جوڙ. (ڪرڪيٽ راند ۾) بال ڪرڻ جو هڪ انداز. جوڙ لڳائڻ. داغ ڪرڻ. داغ ڏيڻ.

seam[2] or **seame** (سيم) n grease; lard made from pork fat; to grease. سٿپ. چربي. چڪنو ڪرڻ. سٿپ لڳائڻ.

seam[3] (سيم) n a pack-horse load (eg 8 bushels of grain, 9 pecks of apples, 120 lb of glass); a cart-load. گهوڙي تي لڏڻ وارو مختلف شين جو وزن. لاڏوءَ گهوڙي جي ڪڻ جو وزن.

sea maid (سي ميڊ) n a mermaid. اڌ چوڪري ۽ اڌ مڇي شڪل. ديومالائي مخلوق. بنت البحر. جل پري.

seam allowance (سيم الاوينس) n (in dress-making) the margin allowed for the seams along the edge of the pieces of a garment. لوپي. ڳنڍ يا ڪير لاءِ گنجائش ڇڏڻ. ڪپڙي جي اوتيءَ لاءِ ڇڏيل ڪناري.

seaman (سي مئن) n a sailor; a mariner; a man, other than an officer or apprentice, employed aboard ship; a merman. جهازي. ملاح. ڪارائي. ناکئو. خلاصي. کهاتو. ونجارو.

seamanship (سي مئنشپ) n. the art or skill of a seaman; art of managing a ship. ملاحي. جهازراني. جهاز رانيءَ جو هنر يا قابليت. ناخدائي.

sea mark (سي مارڪ) n a mark of tidal limit; a beacon; any object serving as a guide to those at sea. ڪا شيءِ يا نشاني جيڪا سمنڊ تي مسافري ڪندڙن جي رهنمائي ڪري.

seamat (سي ميٽ) n hornwrack, a common polyzoan like a flat horny seaweed. سامونڊي گهڻ حيواني ٽولو. سامونڊي جيوت.

seamaw (سي ماڻو) n a sea-mew, *larus canus*; a sea-gull; a gull. سامونڊي ڪينا پکي. ننڍو گل پکي. سامونڊي ڪنارن جو ننڍو پکي. يورپي ميو ڪينا پکي.

seam bowling (سيم باؤلنگ) n (cricket) bowling in which the seam of the ball is used in delivery to make the ball swerve in flight, or first to swerve and then to break in the opposite direction on pitching. ڪرڪيٽ ميچ ۾ بال کي تيز گهمائي اڇلائڻ. ڪرڪيٽ جي بالنگ ڪرائڻ جو هڪ نمونو.

sea mile (سي مائيل) n a geographical or nautical mile. سامونڊي مسافريءَ جي هڪ ميل جو مفاصلو.

sea milkwort (سي ملڪ ورٽ) n a primulaceous plant, of northern seashores, having small pink flowers. گلابي گلن وارو سامونڊي ڪنارن جو ٻوٽو.

seaming lace (سيمنگ ليس) n a lace, braid, to insert in or over seams. ڪناريءَ کي لڳائڻ واري جهالر. پٽي. پاسڪ.

seamless (سيم ليس) adj. without a seam or seams; unbroken, flowing. بنا لوپي يا ڳنڍ جي. لسو ۽ لسو. بنا جوڙ. لاڳيتو. لاسو. هڪ لٺو.

sea monster (سي مانسٽر) n any huge maritime animal, esp fabulous. ديو مالائي جانور. سامونڊي اجگر. وهيل مڇي. شارڪ وغيره.

sea moss (سي موس) n carrageen; seaweed. سامونڊي الي. بحري ڪائي. سامونڊي ڪائي.

sea mount (سي مائونٽ) n a mountain under the sea of at least 3000 feet. سامونڊي جبل. سمنڊ اندر جبل واري بيهڪ.

sea mouse (سي مائوس) n an elliptical polychaet, with coarse iridescent hairs and bristles along its sides. سامونڊي مخلوق.

seam set (سيم سيٽ) n a tool for flattening seams in metal, etc. ڌاتوي شين کي هموار ڪرڻ جو اوزار.

seamstress (سيمسٽريس) n. a woman whose occupation is sewing; a sempstess. درزيالي. درزڪو ڪم ڪندڙ عورت. درزڻ.

seam welding (سيم ويلڊنگ) n resistance welding of overlapping sheets of metal using wheels or rollers as electrodes; welding two pieces of sheet plastic along a line by dielectric heating. لوهي چادرن جي ڳنڍڻ لاءِ بجليءَ جي جوڙ جو طريقو. لوهي چادرن کي هڪ ٻئي

مٿان رکي جوڙڻ. پلاسٽڪ جي ٻن ٽڪرن کي بجليءَ جي تَوَ رستي ڳنڍڻ.

seamy (سيمي) **adj.** having a seam; showing seams; sordid; disagreeable; disreputable.. جوڙدار، ڳنڍن وارو، ابتو سلائيءَ وارو پاسو، ڪميڻو، خوار، بدنام، بدناميءَ جهڙو.

seamy side (سيمي سائيڊ) **n** the wrong side of a garment; the disreputable, sordid or unpleasant side or aspect of something, esp life. ابتو پاسو، ڳنڍ وارو پاسو، ابتو سلائيءَ وارو پاسو، زندگيءَ جو خواريءَ وارو رخ، بدناميءَ وارو دؤر.

Seanad or **Seanad Eireann** (سينيڊ آر سينيڊايئرين) **n** the upper house of the legislature of the Republic of Ireland. آئرلينڊ جي پارليامان جو مٿيون ايوان.

séance (سينس) **n** a session or meeting of psychical researchers or spiritualists for the purpose of trying to contact the spirits of the dead or promote supernatural manifestations of various kinds; such a sitting (Fr). غيبوادين جي مجلس، اجلاس، روحن سان ڳالهائڻ وارن جي مجلس، منڊلي.

sea nettle (سي نيٽل) **n** a jellyfish. جيلي مڇي.

seannachie (سينيچي) **n** a Highland or Irish genealogist and transmitter of family lore. آئرلينڊ جو ماڻهو جيڪو مختلف خاندانن جا شجرا تيار ڪندو رهي.

sea nymph (سي نائيمف) **n** a minor sea goddess. سامونڊي ديوي، سامونڊي پري، جل پري.

sea oak (سي اوڪ) **n** another name for pod wed. بحري بلوط (وڻ).

sea onion (سي اونين) **n** the sea squill. سامونڊي ٻوٽو.

sea orange (سي آرنج) **n** a large globose orange-coloured sponge. نارنگي رنگ جو سامونڊي اسفنجي ٻوٽو.

sea otter (سي آٽر) **n** a N Pacific animal related to the true otters; its silvery brown fur, large unobtainable since the widespread ban on otter-hunting. بحري لڌڙو، ايشيا ۽ آمريڪا جو سامونڊي لڌڙو جانور.

sea owl (سي اٺول) **n** the lumpsucker.. بيدولي سامونڊي مڇي، طفيلي مڇي.

sea parrot (سي پيرٽ) **n** another name for the puffin. هڪ طوطي شڪل سامونڊي پکي، پفن پکي، سامونڊي طوطو.

sea pen (سي پين) **n** a feather-like anthozoan coelenterate; a name for the squid's internal shell. پرن صورت سامونڊي جيوت، سامونڊي مخلوق ۽ اُن جا اندروني حصا.

sea perch (سي پرچ) **n** a bass or other fish of the serranidae. ٻاهر، سنگ، ڪجو، لوليا مڇيءَ جي جنس، ڪرنگڙو مڇي.

sea pie (سي پائي) **n** a baked dish of salt meat and vegetables eaten at sea; the oyster-catcher. گوشت ۽ ڀاڄين جو هڪ ٻوڙ، صدف پڪڙيندڙ مهاڻو.

sea pike (سي پائيڪ) **n** a pike-like marine fish of various kinds, robalo, belone, hake etc. ٻاهر ۽ سنگ قسم جون مختلف مڇيون.

sea pink (سي پنڪ) **n** any of several perennial plants generally known as thrift. بحري گلاب (ٻوٽو).

sea plane (سي پلين) **n** an aeroplane with floats instead of wheels, for landing on water. پاڻيءَ تان اڏامڻ ۽ لهڻ وارو جهاز.

sea poacher (سي پوچر) **n** the pogge.. مڇي پڪڙيندڙ مهاڻو، مير بحر.

sea porcupine (سي پارڪيو پائين) **n** another name for the globe fish. جسم تي سوئن واري مڇيءَ جو قسم.

sea port (سي پورٽ) **n** a port or harbour on the seas; a town with such a harbour. بندر، بندرگاهه، پتڻ، جهازن تي سوارٿين وارو سامونڊي بندر، سامونڊي گودي.

sea potato (سي پوٽاٽو) **n** another name for the heart-urchin. سامونڊي جيوت.

sea power (سي پاور) **n** naval strength; a nation with great naval strength. بحري قوت، بحري ٻيڙو.

sea purse (سي پرس) **n** the tough horny egg-case of certain sharks, skates or rays, a mermaid's purse; a small whirlpool formed by the meeting of two waves at an angle, dangerous to bathers. ڪن مڇين خاص ڪري شارڪ مڇين جي آنن جي ٿيلهي يا آني، ننڍوڪن، بحري ڪُن.

sear[1] (سير) **n** a catch in the mechanism of a rifle which holds back the cocking-piece. بندوق جي گهوڙي کي جهلڻ جو نظام، بندوق جي گهوڙي جي ٻيهڪ.

sear[2] (سير) **adj, vi, vt, n.** dry and withered; burning; to become sear; to wither; to dry up; to scorch; to brand; to cauterize; to render callous or unfeeling; a mark of searing.. ڪومائل، سڪل، داغڻ، ڏيڻ، ساڙڻ، سڪائڻ، جلائڻ، داغ ڏيڻ، سن ڪرڻ، سخت دل بنائڻ، بي رحم ڪرڻ، داغ يا ڏنڀ جو نشان.

sea rat or **sea robber** (سي ريٽ يا رابر) **n** a pirate. بحري قزاق، سامونڊي ڌاڙيل.

sea raven (سي راوين) **n** a large fish, related to the bull-head. شارڪ يا وهيل جي قسم جي مڇي، پگاس، ڪناتيان مڇي.

searce or **search** (سيرس) **vt & n.** to sift; a sieve.. چاڻڻ، صاف ڪرڻ، تحقيقات ڪرڻ، چولڻ.

search (سرچ) **vt, vi. & n.** to explore all over in trying to find something; to examine closely; to examine for hidden articles; to ransack; to scrutinize (eg one's conscience); to probe; to penetrate all parts of; to put to the test; to seek diligently; to make an examination; to look or hunt; the act or power of

searching; a thorough examination; a quest; a search party..تلاش ڪرڻ، ڳولها ڪرڻ، تپاس، کوجنا ڪرڻ، ڍونڍڻ، تلاش، ڳولها، سراغ، دريافت، ڳولڻ، پرک، کوجنا، تحقيق، لوچ، وٺڻ، کوج، جاچڻ، پرکڻ، تحقيقات ڪرڻ، جاچ جوچ ڪرڻ، اندر گهڙي وڃڻ، تپاسڻ.

searcher (سرچر) n one who searches; one appointed to search, eg a custom-house officer; an investigator; an inspector of various kinds; a probe.ڳولها ڪندڙ، سرائي، لهار، طالب، طالب علم، پارکو، تحقيق ڪار، ڳولهيندڙ، لهارو، مختلف قسمن جا تحقيقاتي عملدار، ڪسٽم جو عملدار.

search image (سرچ اميج) n a predator's preconception of what its prey looks like and where it is to be found.ڳولها ڪرڻ لاءِ ذهن ۾ خيال آڻڻ ته ڪٿان ملندو، ڳولهڻ واري شيءِ بابت اڳوات ڄاڻ.

search light (سرچ لائيٽ) n a lamp and reflector throwing a strong beam of light for illuminating a target or quarry by night; the beam of light so projected..سرد بتي، سوڌ بتي، دريافت، تيز روشني ڪرڻ لاءِ هٿ بتي، ضرورت واري جڳهه کي منور ڪرڻ واري بتي، شڪار ڳولڻ واري بتي.

search party (سرچ پارٽي) n a group of people sent out in search of somebody or something.ڪنهن جي ڳولها لاءِ موڪلڻ وارو ماڻهن جو ميڙ، ڳولا ۾ موڪليل ماڻهن جو جٿو.

search warrant (سرچ ويٽرنٽ) n a legal warrant authorizing the searching of a house, by the police. گهر جي تلاشيءَ جو وارنٽ، ڳولا جو وارنٽ.

sea reed (سي ريڊ) n marram grass. سامونڊي گاهه جو قسم.

sea robbin (سي روبن) n an American fish of the gurnard family, with red or brown colouring.آمريڪا جي ڳاڙهي ناسي رنگ واري سامونڊي مڇي.

searocket (سي راڪيٽ) n a fleshy cruciferous seaside plant. سامونڊي ڪناري جو ٻوٽو.

sea rosemary (سي روزميري) n sea lavender.سامونڊي ڪنارن جو خوشبودار گلن وارو ٻوٽو.

sea rover (سي رووَر) n a pirate or pirate ship.سامونڊي ڌاڙيل، بحري قزاق، سارق.

sea roving (سي روونگ) n piracy. سمنڊ تي ڪيل ڦر، قزاقي، ڌاڙو.

sea salmon (سي سامن) n a coalfish or pollack. سامونڊي مڇي.

sea salt (سي سالٽ) n salt derived from seawater; a salty as the sea.سامونڊي لوڻ، هار کاري پاڻيءَ مان حاصل ڪيل لوڻ، بحري لوڻ، سامونڊي ڪار.

sea satyre (سي سيٽائر) n a Spenserian sea monster. سامونڊي اجگر جانور، سامونڊي بلا.

sea scape (سي اسڪيپ) n a picture, painting or photograph of the sea. سامونڊي نظاري جي عڪسي تصوير يا مصوري.

sea scorpion (سي اسڪارپين) n a scorpion-fish, having a spiny head and fins; another name for the father-lasher. وڇونءَ شڪل سامونڊي جيوت ۽ مڇيون، سيرن مڇي.

sea serpent (سي سرپينٽ) n an enormous marine animal of serpent-like form frequently seen and described by credulous sailors, imaginative landsmen and common liars; a sea snake.سامونڊي اجگر جانور، سامونڊي ديو مالائي ازدهي يا ارڙيلا جهڙو نانگ يا جانور.

sea shell (سي شيل) n the shell of a crustacean or mollusc. سپ، سٽي، سپي، ڪوڏو، سنک، سٽڙو، سپون ۽ ڪوڏ.

sea-shore (سي شور) n. the shore of the sea; ground between high and low water mark. سامونڊي ڪنارو، سمنڊ جو ڪنارو، ساحل، سمنڊ جي ڪناري تي وير جي چاڙهه وارو حصو.

sea shrub (سي شرب) n a seafan. سامونڊي ڪناري جو ٻوٽو.

sea sick (سي سڪ) adj nauseous owing to the rolling movement of a vessel at sea; travel-worn.جهاز جي لوڏي ڪري التيون اچڻ، سامونڊي بيماري، بحري ٿيءَ، سمنڊ تي مسافريءَ دوران ٿيري ۽ بيماري، ٿڪ.

sea-sickness (سي سڪنيس) n. sickness produced by the motion of a vessel at sea. سامونڊي يا بحري مسافريءَ جي بيماري، جهاز جي لوڏي ڪري الٽيون وغيرهه اچڻ واري تڪليف يا بيماري، بحري ٿيءَ، بحري مٿي ٿيري.

seaside grape (سيسائيڊ گريپ) n the grape tree or its fruit. سامونڊي ڪناري جو انگور ٻوٽو.

sea slater (سي سليٽر) n a small crustacean, resembling a woodlouse. سامونڊي جيوت، بحري جونءِ، بحري طفيلي جيوت.

sea sleeve (سي سليو) n a cuttlefish; sepia fish; double hearted fish. مڇيءَ جو قسم جنهن کي ٻه دليون ۽ ڏهه شاخون هونديون آهن.

sea slug (سي سلگ) n a type of shell-less marine mollusc, a nudibranch; a sea cucumber.سامونڊي ٻنا ڪوڏ واري لنڊي جيوت، بحري ڪيرو، بحري گهونگهو، معدي يا جانور.

sea snail (سي سنيل) n any snail-like marine gasteropod; an unctuous fish related to the lumpsucker. صدفي جيوت، ڪوڏ واري مخلوق، بحري ڪوڏ يا گهونگهو.

sea snake (سي سنيڪ) n a snake that lives in the sea, esp of the very venomous family of the Indian and Pacific oceans; a sea serpent.بحري نانگ، سامونڊي زهريلي نانگ جو قسم.

sea snipe (سي سنائيپ) n the sandpiper. جهار پکي، بحري، ٺوسڙي پکي، لينو پکي، ساريڙي، اسف ۽ لڪ پکي.

season (سيزن) **n. vt & vi.** a division of the year; one of the four natural divisions of the year, spring, summer, autumn and winter; a suitable time; the usual, natural, legal or appropriate time or time of year; any particular time; a limited period; a season ticket; seasoning; to mature; to temper, reduce somewhat; to bring into suitable condition; to inure; to add herbs, spices to, to make savoury, to flavour; to preserve from decay; to become seasoned, mature or experienced.. موسم، مند، مهل، رت، ٽڙ، فصل، وقت، ڪجهه مدت، ويل، مهلاڪتو، پوک، چار موسمون گرمي، سردي، بهار، سرء، مناسب وقت، مناسب موقعو، مقرر وقت، ڏنل وقت، ڪنهن مقرر وقت لاء ريل يا جهاز جي ٽڪيٽ، تيار ڪرڻ، ٺار لڳائڻ، هيرائڻ، عادت وجهڻ، عادت بنائڻ، عادي ڪرڻ، زور گهٽائڻ، اثر گهٽ ڪرڻ، مناسب ڪرڻ، مصالحو وجهڻ، مصالحو وجهي سنيالي رکڻ، آچار وجهڻ، خوشبو وجهي سنيالي رکڻ، پچي راس ٿيڻ، تجربو حاصل ڪرڻ.

seasonable (سيزن ايبل) **adj.** appropriate to the particular season; timely.. منداڪتو، بروقت، موسمي، وقتاڪتو، ويلاڪتو، مهلاڪتو، برمهل، لائق.

seasonal (سيزنل) **adj.** natural or according to the seasons; opportune; timely; available only in certain seasons.. منداڪتو، موسم مطابق، موسم ۾، موسمي، وقتي، مهلاڪتو، فصلي، ڪن خاص موسمن ۾ ملندڙ.

seasonality (سيزنيلٽي) n the quality of being seasonal موسميت، موسمي، فصلي، منداڪتا (فصل).

seasoning (سيزننگ) n the process or act by which anything is seasoned; the process of acclimatization; herbs, spices, salt and pepper, added to food to improve its flavour; relish; condiment, (in diamond-cutting) the charging of the laps or wheels with diamond-dust and oil; the process of coating dyed leather with liquid albumen.. چٽ، وگهار، رائي، مصالحا، جس، مزو، مرچ مصالحا، مصالحا وجهي تيار ڪرڻ، هيرن کي صاف ڪرڻ جو طريقو، چمڙي کي رنگ چاڙهڻ جو طريقو.

seasoning-tub (سيزننگ ٽب) n a trough in which dough is set to rise. اٽي ڳوهڻ جو ٽب، ٿالهه، ٿالهه جنهن ۾ اٽو ڳوهي رکجي ته خمير ڪري.

seasonless (سيزن ليس) **adj.** without difference of seasons. موسمي فرق کان سواء، بي موسمي، بنا ڪنهن خاص مند جي.

season ticket (سيزن ٽڪيٽ) n a ticket valid any number of times within a specified period. مخصوص وقت لاء ٽڪيٽ، ريل جي وقتي ٽڪيٽ جيڪا ڏنل مدي اندر بنا ڪنهن روڪ رنڊڪ جي استعمال ڪري سگهجي.

sea spider (سي اسپائيڊر) n a pycnogonid. بحري ڪوريئڙو.

sea squill (سي اسڪئيل) n a Mediterranean plant of the lily family with an onion-like a double-mouthed flask, an ascidian. سامونڊي ڪناري جو بصر جي شڪل جهڙا گل جهليندڙ بوٽو.

sea squirt (سي اسڪئرٽ) n a marine animal shaped like a double-mouthed flask, an ascidian. ٻه منهي جگ جهڙي صورت وارو سامونڊي جانور، پچڪاري جانور (هي سامونڊي جانور چيڙڻ تي وات مان پچڪاري هڻندو آهي)، مشڪيلا.

sea start (سي اسٽارٽ) n a start fish. مڇيء جو قسم.

sea sea stick (سي سي اسٽڪ) n a herring cured at sea. هيرنگ مڇيء جو قسم، صاف ڪيل يا آچار پيل هيرنگ مڇي، ڪارلي يا ڳيڙي مڇي.

sea surgeon (سي سرجن) n a tropical genus of spiny-finned fishes with a lancetlike spine ensheathed on each side of the tail. سامونڊي ڪنڊن وارن کنيڙين واريون نديون ۽ رنگين مڇيون جيڪو عام طور گهرن ۾ ٻه رکيون ۽ پاليون وينديون آهن.

sea swallow (سي سوالو) n a tern ; the storm petrel; a flying fish. سامونڊي ڪينائي پکي، بحري ابابيل، ٻطريل پکي، اڏامندڙ مڇي.

sea swine (سي سوائين) n a porpoise; the ballan wrasse. ٻلهڻ، سامونڊي سوئر، سامونڊي ڪير پياريندڙ جانور، ڊالفن وغيره جي قسم جي قسم جا سامونڊي جانور.

seat (سيٽ) **n, vt, vi.** anything used or intended for sitting on; a chair, stool, bench, saddle; the art of a chair on which one sit; a mode of sitting, esp on horseback; a place where one may sit, in a theatre, church; or a ticket for this; a right to sit; residence; station; a parliamentary or local-government constituency; membership of a committee; that part of the body or of a garment on which one sits; that on or in which something rests; site, situation; a place where anything is located, settled or established; a post of authority; a throne; a capital city; abode, a mansion; to establish, fix; to place on a seat; to settle; to locate; to assign seats to; to fit with seats; to sit or lie down.. ڪرسي، ٻنچ، وهارڻ، ويهڻ، جي جاء، بينڪ، صندلي، موڙو، جاء، مڪان، هنڌ، آسڻ، عهدو، وهڪ، لڪائو، رهائش، ترو وجهڻ، پچي وجهڻ، ڪرسي ڏيڻ، وهڻ جو طريقو، گهوڙيسواريء جو طريقو، وهڻ جو اجازت نامو، ٽڪيٽ، وهڻ جو حق، پارلياماني يا بلدياتي ٽڪ، ڪنهن اداري جي ميمبري، اداري جو ڪارڪن، بدن جو حصو جيڪو وهڻ لاء استعمال ٿئي، ٻنڊڻ، چٽڙ، وهڪ جي جاء، اهڙو هنڌ جتي ڪا خاص جاء جڙيل هجي يا مقرر ڪيل هجي، گادي، تخت، تخت گاهه، گهر، رهائش، گاديء جو شهر، محل، محلات، ويهارڻ، مقرر ڪرڻ، وهڻ لاء جاء ڏيڻ، وهڻ لاء بينچون يا ڪرسيون رکڻ، ليٽي پوڻ، سمهي پوڻ.

sea tangle (سي ٽينگل) n any of various kinds of brown seaweed, esp of genus Laminaria.مختلف قسمن جا ناسي رنگ جا بحري بوٽا.

seat belt (سيٽ بيلٽ) n an adjustable belt for holding the occupant firmly in his or her aircraft seat, car seat, etc.گاڏي يا جهاز ۾ ويهڻ کان پوءِ ٻڌڻ وارو پٽو. حفاظتي پٽو.

seater (سيٽر) n one that seats.ڪو ماڻهو جيڪو ويهڻ هجي. ويهڻ ماڻهو يا رکيل شيءِ. وهندڙ.

-seater (سيٽر) sfx. denoting - a vehicle, sofa, with seats for a specified number, as in two-seater etc. ڪا سواري يا صوفو جنهن ۾ سيٽن جو تعداد مقرر هجي.

seat earth (سيٽ ارٿ) n a bed of clay underlying a coal seam. مٽيءَ جو مضبوط تهه. ڪوئلي جي کاڻ جو زميني تر.

sea term (سي ٽرم) n a nautical word..بحري ٻوليءَ جو لفظ. سمنڊ تي استعمال ٿيندڙ لفظ.

seating (سيٽنگ) n the taking, provision, allocation or arrangement of seats; a supporting surface; fabric for covering seats.ويهارڻ. عهدو ڏيڻ. ڪرسي ڏيڻ. ويهڻ لاءِ جاءِ مقرر ڪرڻ. ويهڻ جهڙو متاڇرو. بينڪ. سيٽن کي ڍڪڻ لاءِ ڪپڙو.

sea trout (سي ٽرائوٽ) n the salmon trout; extended to various other fishes of the genus of US coastal waters. ٽرائوٽ مڇيءَ جو قسم. بحري سامن يا ٽرائوٽ مڇي.

seat-stick (سيٽ اسٽڪ) n a walking-stick that can be made to serve as a seat, a shooting-stick.هٿ ۾ ڪشڻ واري لٺ جنهن کي ويهڻ لاءِ به استعمال ڪجي.

sea turn (سي ٽرن) n a gale from the sea..بحري هوا. سامونڊي هوا. نسيم بحري.

sea turtle (سي ٽرٽل) n a marine turtle; the black guillemot. سامونڊي ڪمي يا ڪچون. گلي موط پکي. آڪ جي خاندان جو سنهي چهنب وارو سامونڊي پکي.

sea urchin (سي ارچن) n one of the Echinoidea, a class of echinoderms with a globular, avoid, or heart-shaped, sometimes flattened body and shell of calcareous plates, without arms.بحري چاهو. بحري خار پشت. بحري ڪانڊيرو (جيوت). مختلف قسمن جي ڪميءَ يا ڪچوءَ جو خاندان.

sea vampire (سي ويمپائر) n a giant ray, or devil-fish.سامونڊي بَلا. پٽڻ. پيو. ڪرونج. گينڊو.. ڪارڻ جنس جون وڏيون مڇيون.

sea wall (سي وال) n a wall to keep the sea out.سمنڊ کي ڊار ڪندڙ پٽ. سمنڊ جي حفاظتي ديوار. بحري بند. بحري پٽ. بند بحري.

seaward (سي ورڊ) adj, adv. towards the sea. سمنڊ طرف. بحر طرف (مسافري).

sea ware (سي ويئر) n seaweed..سامونڊي گاهه. سمنڊ جي الي. بحري ڪائي.

sea way (سي وي) n progress through the waves; a heavy sea; a regular route taken by ocean traffic; an inland waterway on which ocean-going vessels can sail.سامونڊي. لهرن تي لڙهڻ. تمام ڳورو يا طوفاني سمنڊ. لنگهه. زميني درياهه جنهن ۾ سامونڊي ٻيڙو مسافري ڪري سگهي.

sea weed (سي ويڊ) n marine plant; marine algae collectively; any marine alga..بحري گاهه. سامونڊي سينٺور. بحري سينٺور. سامونڊي گاهه. بحري نباتات. بحري ڪائي. سمنڊ جي الي.

sea whistle (سي وهسل) n a seaweed whose bladders can be made into whistles.سامونڊي گاهه جنهن جي گلن مان سيٽيون ناهي سگهجن ٿيون. سامونڊي نڙ يا ڪاهن.

sea wife (سي وائيف) n a kind of wrasse. مڇيءَ جو قسم.

sea wing (سي ونگ) n a sail. باديان. سڙهه.

sea wolf (سي وولف) n the wolf-fish; another name for the John Dory; the bass; the sea elephant; a Viking; a pirate.بحري ڌاڪو. سامونڊي هاٿي. سامونڊي ڪير ڦاڙيندڙ جانور. سامونڊي بگهڙ جانور.

sea woman (سي وومين) n a mermaid.بنت البحر. هڪ عجيب ديو مالائي مخلوق جنهن جو ڏڙ عورت جو ۽ پڇ مڇيءَ جهڙو هوندو آهي. جل پري. ڊالفن يا ٻلهڻ جي جنس وارو بحري جانور.

sea worm (سي ورم) n any marine worm..بحري ڪينئون. بحري جيوت. بحري طفيلي جيوڙا. بحري ڪيڙو.

sea worthy (سي ورٿي) n (of a vessel) fit for sailing on the sea; able to endure stormy weather.(بحري جهاز) زوراڻو. سالم ۽ آلاتيل. (جهاز) بحري مسافريءَ لائق.

sea wrack (سي ريڪ) n coarse seaweeds of any kind; grasswrack. هڪ دريائي گاهه. بحري ڪائي. ترندڙ ڪائي.

se-baptist (سي بيپٽسٽ) n a person who baptizes himself or herself.اهڙو ماڻهو جيڪو پاڻ مرادو بپتسمو وٺي. مذهب ۾ پاڻ مرادو داخل ٿيندڙ.

sebaceous (سيباسيوئس) adj. made of, containing, or secreting fatty matter. روغني. چربيءَ وارو. روغن دار. چربي دار. چربيلو. سٿيو. سٿپ ڏيندڙ.

sebaceous cyst (سيباسيوئس سسٽ) n a non-specific term for a cyst arising in a sebaceous gland.چربيدار ڳوڙهي. روغني ٿيلهي.

sebaceous gland (سيباسيوئس گلينڊ) n a gland in the skin that secretes sebum. چربيءَ وارو غدود. روغني غدود.

sebacic acid (سيباسڪ اسڊ) n a dibasic acid, the esters of which are used in the production of resins and plasticizers. چربيءَ جو تيزاب.

sebesten (سيبستين) **n** an oriental boraginaceous tree; its edible plum like fruit; a preparation made from the fruit and used as medicine (ar).. سپستان، ليسوڙو، گيدوڙي.

sebific (سيبيفڪ) **adj.** producing fatty matter. چربيءِ وارو مادو وڌائيندڙ، سٿپ، روغن پيدا ڪندڙ.

seborrhoea (سيبارهوئي) **n** excessive discharge of sebum from the sebaceous glands. پسونءِ دار ڏيء، روڳي ڏيء.

sebum (سيبم) **n** the fatty secretion that lubricates the hair and skin. چربيدار رطوبت، کل جو خارج ڪيل سٿپ.

sebundy (سيبنڊي) **n** (in India) an irregular soldier or soldiers. (هندستان ۾) غير سرڪاري فوج يا سپاهي، مليشيا، قومي يا علائقائي سپاهه.

secant (سيڪانٽ) **adj, & n.** cutting; a cutting line; a straight line which cuts a curve in two or more places; orig a straight line from the centre of a circle through one end of an arc to the tangent from the other end; now a function of an angle, the ratio of the hypotenuse to the base of a right-angled triangle formed by dropping a perpendicular from a point on one side of the angle to the other (negative if the base is the side produced).. وڍيندڙ، ڪپيندڙ، قاطع، خط قاطع، ڪٽيندڙ ليڪ، قاطع ليڪ، وڍڻي، اهڙي ليڪ جيڪا ٻيءَ ليڪ کي ڪٽي.

secateur (اسڪيٽيورس) **n** pruning-shears. قينچي، شاخ تراش، باغباني قينچي.

secco (سيڪو) **adj.** (music) unaccompanied; plain; (of wine) dry; painting on dry plaster. سادي يا هڪ ساز واري موسيقي، خشڪ شراب، سڪل پلستر تي ڪيل گلڪاري.

secede (سسيڊ) **vi.** to withdraw, esp from a party, religious body, fellowship, association, federation, or the like. نڪري وڃڻ، ڌار ٿيڻ، ڪنهن جماعت مان ڇڇي ڌار ٿيڻ، الڳ ٿيڻ، جدا ٿيڻ، قطع تعلق ڪرڻ.

seceder (سسيڊر) **n** one who secedes; a country, which secedes. عليحده ٿيڻ وارو، خارجي، معتزلي، ملڪ جيڪو ڪنهن گڏيل حڪومت مان جدا ٿي وڃي.

secern (سيسرن) **vt** to separate; to distinguish; to discriminate; to secrete. ڌار ڪرڻ، فرق ڪرڻ، الڳ هجڻ جي تميز ڪرڻ، خارج ڪرڻ.

secernment (سيسرنمينٽ) **n, adj.** that which promotes secretion; a secreting vessel; secreting. رطوبت وڌائيندڙ، رطوبت ڪيندڙ يا ڏيندڙ (جسماني عضوو)، رطوبتي مواد، رطوبت خيز.

secesher or **secesh** (سيسيشر) **n** a secessionist. افتراق پسند، عليحدگي پسند.

secession (سيسيشن) **n** act of seceding; a body of seceders. علحدگي، ڦوٽ، افتراق يا عليحدگي پسندن جو ٽولو.

secessionist (سيسيشنسٽ) **n** one who favours or joins in secession. عليحدگي پسند، افتراق پسند.

seckel or **seckle** (سيڪل) **n** a variety of pear. ناسپاتيءَ جو قسم.

seclude (سيڪليوڊ) **vi.** to shut off, esp from contact, association or influence. ڌار رکڻ، جدا گوشانشين ويهارڻ، تيار ڪرڻ، پردي ۾ رکڻ، الڳ ڪرڻ، جدا ڪرڻ، سڄمجمعي کان الڳ ڪرڻ، لڪري وڃڻ.

secluded (سيڪليوڊڊ) **adj.** separated from others; kept apart from the rest of society; in a place not visible to, nor visited by, others, private.. نويڪلو، اڪيلو، ايڪانت جو، پردي نشين، گوشانشين.

seclusion (سيڪليوشن) **m** act of secluding; the state of being secluded; retired mode of life; privacy; solitude. الڳ رهڻ، ايڪانت، گوشي نشيني، ڪناره ڪشي، پردي نشيني، جدا ٿي رهڻ، رناٽر ڪرڻ، خلاصو رهڻ.

seclusive (سيڪليوسو) **adj.** tending to or favouring seclusion or retirement. خلوت گير، ڪنارا ڪش.

secodont (سيڪوڊنٽ) **adj.** with cutting back teeth. پوين ڏندن سان ڪٽڻ، ڪٽڻ وارن ڏندن وارو، ڏنداڻون، ڏاڻن وارو.

Seconal ® (سيڪونل) **n** a hypnotic and soporific barbiturate. نشي آور طبي مادو، ننڊ آڻيندڙ دوا.

second[1] (سيڪنڊ) **adj. adv. n. & vt.** next after or below the first; repeated again; inferior; other, alternate; additional; supplementary; another, as it were; subordinate; referring to the person or persons addressed; singing or playing a part in harmony slightly below others of the same voice or instrument; helpful, favouring; in the second place, as the second matter; a person or thing that is second or of the second class; a place in the second class or rank; a person who is second in rank; a supporter; the 60th part of a minute of time, or of a minute of angular measurement; a time interval variously measured; a very small amount of time; to follow; to back, give support to; to further; to assist; to encourage; to support.. ٻيو، ٽاڻي، دوئم، پيچو، وڌيڪ، ڪانسواءِ، ٻئي درجي جو، واڌو، ضمني، زياده، هلڪو، سادو، هيٺيون، نائب، زيردست، ماتحت، زير حڪم، لمحو، برخواست ڪرڻ، معطل ڪرڻ، هٽ هيٺ، ٻين ساٿين لاءِ چوڻ يا ڳالهائڻ، ٻين بابت، ٻئي سان گڏجي ڳائڻ، سنگت ڪرڻ، ساٿ ڏيڻ، ٻئي نمبر وارو عهديدار، ڪارندو، ٻيون درجو، ٻيو نمبر، مددگار، مدد ڏي، ساٿي، وقت جو معمولي حصو، سيڪنڊ جو وقت، هڪ سيڪنڊ جو عرصو، منٽ جو ٦٠ سٺهون حصو، ماپ جو حصو، معمولي وقفو، ٻئي جي پٺيان هلڻ، لڳو۸ رهڻ، گڏيو هلڻ، ٻئي جو ساٿ ڏيڻ.

مدد ڪرڻ، اڳتي وڌائڻ، تعريف ڪرڻ، همٿائڻ، همت افزائي ڪرڻ.

second[2] (سيڪنڊ) **vt.** to transfer an officer to another post or unit (military); to transfer an employee temporarily to another branch or company, usu to undertake some special task.هڪ عهدي تان هٽائي ٻئي تي مقرر ڪرڻ، فوج جي هڪ حصي مان ٻئي حصي ۾ موڪلڻ، ڪنهن خاص عرصي لاءِ يا خاص ڪم لاءِ مقرر ڪرڻ.

secondary (سيڪنڊري) **adj.** subordinate; subsidiary; of lesser importance; of a second place or stage, esp of an electric circuit; nor original, derivative; (of a disease or disorder) that results from or follows another; (of a voltage, magnetic field) induced; (of education) between primary and higher or tertiary; (of a feather) growing in the second joint of the wing; a subordinate; a delegate or deputy; a secondary colour; a malignant tumour that has spread from a primary cancer to another part of the body, a metastasis; (the coils and windings of) the second stage of a transformer.نائب، گهٽ، ثانوي، هٽ هيٺ، ضمني، ٻئي درجي جو، طبقو، ثاني، ٻئي درجي جو سيارو، (گرهه) گهٽ درجي جو، گهٽ اهم، تابع، ماتحت، (بيماري) ڪنهن ٻئي بيماريءَ سبب، تعليم جو ثانوي درجو يا درميانو درجو (ڇهين ڪان ڏهون درجو)، ٽنڊا پر، وڏن پرن جي هيٺان نڪرندڙ ننڍا پر، مددگار عملدار، مختلف بنيادي رنگ ملائي تيار ڪيل رنگ، ٻئي درجي تي پهتل سرطان جو مرض.

secondary action (سيڪنڊري ايڪشن) **n** secondary picketing.سرحدن اندر مقرر ڪيل دستو، اندروني علائقن ۾ چوڪسي يا چوڪي.

secondary alcohol (سيڪنڊري الڪوحل) **n** an alcohol containing the group CH.OH.ٻئي نمبر جو يا هلڪو الڪوحل مادو.

secondary battery or cell (سيڪنڊري بيٽري سيل) **n** one on which the chemical action is reversible, and which can therefore be recharged.اهو جنهن تي ڪيميائي عمل دهرائجي، ثانوي بيٽريءَ جونظام، بيٽري يا سيل کي وري چارج ڪري استعمال ڪرڻ.

secondary coil (سيڪنڊري ڪوائل) **n** one carrying an induced current. ثانوي چڪر، ثانوي تار ويڙهو.

secondary colour (سيڪنڊري ڪلر) **n** one produced by mixing two primary colours.اهو رنگ جيڪو بنيادي رنگن جي ملائڻ سان ٺهي، ثانوي رنگ.

secondary electron (سيڪنڊري اليڪٽران) **n** an electron in a beam of secondary emission.ٻيو اليڪٽران، ثانوي اليڪٽران.

secondary emission (سيڪنڊري اميشن) **n** emission of electrons from a surface or particle caused by bombardment with electrons, from another source. ثانوي اخراج.

secondary mineral (سيڪنڊري منرل) **n** a mineral formed after the formation of the rock enclosing it; a mineral of minor interest in an ore-body undergoing exploitation.ثانوي معدنيات، اصل مادي سان ملندڙ ٻيو هلڪو معدن يا مادو.

secondary school (سيڪنڊري اسڪول) **n** any of various types of school for secondary education.مدرسہ فوقانيا، ثانوي تعليم ڏيندڙ اسڪول، هاءِ اسڪول، مشترڪ ثانوي تعليم ڏيندڙ مدرسو يا اسڪول.

secondary sexual characteristics (سيڪنڊري سيڪسيوئل ڪيريڪٽرسٽڪ) **n** features other than the reproductive organs which distinguish between the sexes.مخصوص جنسي عضون کان سواءِ عضوا جيڪي جنسن ۾ جرق ڏيکارين.

secondary smoking (سيڪنڊري سموڪنگ) **n** inhalation of tobacco smoke by non-smokers from smokers' cigarettes, passive smoking.ٻئي ماڻهوءَ طرفان ڪيل دونهون ساهه ۾ کڻندڙ ماڻهو، غير سگريٽ پيئڻ واري تي ٻئي جي سگريٽ ڇڪڻ جو اثر.

second ballot (سيڪنڊري بيلٽ) **n** a system of election whereby a second vote is taken, the candidate or candidates who received fewest votes in the first ballot being eliminated. چونڊن جو طريقو جنهن ۾ حتمي سوڀ خاطر گهٽا ووٽ کڻندڙ اميدوارن درميان ٻيو دفعو چونڊ ڪرائي وڃي.

second banana (سيڪنڊري بنانا) **n** a subordinate..ماتحت، هٽ هيٺ، نائب.

second-best (سيڪنڊ بيسٽ) **n & adj.** next to the best. سڀ کان ڀوءِ وارو، ٻيو نمبر.

second chamber (سيڪنڊ چيمبر) **n** in a legislature of two houses, the house with fewer powers, usu acting as a check on the other.ٻيو ادارو، پارليامان جي ٻن ايوانن مان گهٽ اختيارن وارو ايوان.

second childhood (سيڪنڊ چائلڊهوڊ) **n** mental weakness in extreme old age.تمام گهڻي وڏي عمر ۾ دماغي ڪمزوريءَ ڪري ٻاراڻي خصلتن جي موجودگي.

second class (سيڪنڊ ڪلاس) **adj.** the class next to, and in an inferior position relative to, the first.ٻيو ڪلاس، گهٽ ڪلاس، ٻيو درجو، گهٽ درجو.

second-class citizen (سيڪنڊ ڪلاس سٽيزن) **n** a member of a group in the community which is not given the full rights and privileges enjoyed by the com-

munity as a whole.جماعت جو اهو فرد يا گروهه جنهن کي مڪمل حق حاصل نه هجن. پٺي درجي جو شهري، ٻاهريون شهري جنهن کي مڪمل شهريت نه ملي هجي.

second-class mail or post (سيڪنڊ ڪلاس ميل آر پوسٽ) **n** mail sent at a cheaper rate either because of its character or because the sender is prepared to accept slower delivery.ڪجهه گهٽ قيمت تي ٽپال موڪلڻ. سستي ٽپال جو سرشتو.

second cousin (سيڪنڊ ڪزن) **n** one who has the same pair of great-grand parents as oneself, but different grandparents; loosely, a first cousin's child, or a parent's first cousin (properly, first cousin once removed). اهي ٻار جن جو پڙ ڏاڏو ۽ ڏاڏي ساڳيا هجن. سوٽائي سوٽ.

seconder (سيڪنڊر) **n.** one who supports what another attempts, affirms, or proposes. مددگار، ساٿ ڏيندڙ، نامزد ڪندڙ، مدد ڪندڙ، ٽيڪو ڏيندڙ.

second growth (سيڪنڊ گروٿ) **n** a new growth of a forest after cutting, fire; a second crop of grapes in a season.جهنگ ڪٽڻ کان پوءِ ٻاهر لڳل ڪاٺپوءِ جهنگ ۾ ٿيل نئون ڦوٽهڙو، ثانوي واڌ.

second-guess (سيڪنڊ گيس) **vt and vi.** to judge, criticize, find fault with, using hindsight; to predict or anticipate (an action), or the future actions or behaviour of; to gain the advantage of, by forethought, anticipation, etc..غلطي ڳولهڻ لاءِ اندازو لڳائڻ. ڪنهن جي اندر اوٿاين جو اڳواٽ اندازو ڪرڻ. اڳ ســـوچ ويچار ڪري مخالف خلاف تياري ڪرڻ.

second-hand (سيڪنڊ هينڊ) **adj.** derived from another; not original; not new; already used by a previous owner; dealing in second-hand goods; indirectly, at one remove; after use by a previous owner.ٻئي کان مليل، اڳ ڪم آيل، اُڌارو، لٿل، واپرايل، پاتل، ڪتب آيل، ٻئي کان ٻڌل، اڳ استعمال ڪيل شيون، ڦٽي ڪيل شيون

second hand (سيڪنڊ هينڊ) **n** a hand on a clock or watch that indicates seconds.واچ يا گهڙيال جو سيڪنڊ ڏيکارڻ وارو ڪانٽو.

second home (سيڪنڊ هوم) **n** a holiday home; a house owned in addition to one's main residence; a place where one feels as at home as in one's own house.ٻيو گهر، فرحت ڪرڻ لاءِ ڪنهن الڳ يا خاص جاءِ تي ٺهرايل گهر، عام استعمالي گهر کانسواءِ ٻيو گهر.

second-in-command (سيڪنڊ ان ڪمانڊ) **n** the next under the commanding officer or other person in charge. وڏي آفيسر جو ماتحت آفيسر.

second man (سيڪنڊ مين) **n** a man assisting the driver of a train (formerly, steam trains, called the fireman). ريل جي ڊرائيور جو مددگارساٿي.

second mate or second officer(سيڪنڊ ميٽ آر سيڪنڊ آفيسر) **n** an officer next in command to the first mate/officer on a merchant ship.(پهرين کان) ٻيو آفيسر، مکيه آفيسر جو ماتحت آفيسر.

second mark (سيڪنڊ مارڪ) **n** the character (‘), used for seconds of arc or time or for inches.سيڪنڊ (وقت) لاءِ نشاني.

second mortgage (سيڪنڊ مارٽگيج) **n** a subsequent mortgage on an already-mortgaged property.اڳ گروي رکيل ملڪيت وري گروي رکڻ.

second nature (سيڪنڊ نيچر) **n** a deeply ingrained habit or tendency. رغبت، ميلان خواهش، طبيعت، عادت.

second rate (سيڪنڊ ريٽ) **adj.** the second order in size, dignity or value; inferior, mediocre.گهٽ درجي يا قسم جو، گهٽ ملهه وارو، سادو، درمياني، هالو چالو، موچارو، پورو پنو.

second self (سيڪنڊ سيلف) **n** a person with whom one has the closest possible ties, almost intuitively sharing beliefs, attitudes, feelings and ways of behaving..تمام ويجهي لاڳاپي وارو ساٿي، ويجهو دوست، يار غار، هڪ صلاحڪار، هڏڏوکي، گهڻ گهرو، سڄڻ، يار، ساٿي، هم جماعتي، هم مذهب.

second sight (سيڪنڊ سائيٽ) **n** the power of things future; prophetic vision; a gift of prophetic vision attributed to certain people.اندرين نظر، اندر جي نظر جنهن سان انسان اڳواٽ اشارو حاصل ڪري.

second strike (سيڪنڊ اسٽرائيڪ) **n** a counter-attack (in nuclear warfare) following an initial attack by an enemy.هڪ کان پوءِ وري ٻيو حملو، جوابي حملو، جوهري حملي جي جواب ۾ جوابي حملو ڪرڻ.

second-strike (سيڪنڊ اسٽرائيڪ) **adj** (of a nuclear weapon) specially designed so as to be ready to be used to strike back after a first attack by an enemy and to withstand such an attack.جوابي حملي لاءِ تيار ڪيل جوهري هٿيار يا بم جيڪو ضرورت وقت ۾ جلد استعمال ڪرڻ ۾ اچي.

second string (سيڪنڊ اسٽرنگ) **n** an alternative choice, course of action.نعم البدل، ٻيو رستو چونڊڻ، ٻيو حل، ٻيو طريقو، ثانوي عمل.

second thoughts (سيڪنڊ ٿاٽس) **n** reconsideration.وري سوچ ويچار ڪرڻ، ٻيو دفعو ڌيان ڏيڻ، ٻيهر سر غور ڪرڻ.

second-to-none (سيڪنڊ ٽو نن) **adj.** supreme, best; unsurpassed..ڪنهن کان به گهٽ نه، بهترين ، تمام سٺو، لاثاني.

بي نظير، لاجواب.

second wind (سيڪنڊ ونڊ) n recovery of breath after a time, during prolonged exertion; the former Communist countries of the world regarded as a political and economic block. مختلف ساهي پٽي سامت ۾ اچڻ. نمولي جي اقتصادي سرشتي وارا ملڪ، ڪميونسٽ ملڪ.

secrecy (سيڪريسي) n the state, character or fact of being secret; concealment; seclusion; confidentiality; power or habit of keeping secrets; the keeping of secrets. پرده پوشي، لڪ، ڳجهه، رازداري، ڳجهائي. روپوشي، راز، چمڙاپوشي، غيب، اڪيلائپ، گوشه نشيني، ايڪانت. راز رکڻ جي عادت، ڳالهيون لڪائڻ واري طبيعت.

secret (سيڪريٽ) adj & n. hidden; concealed; private; unseen; kept back from the knowledge of others; guarded against discovery or observation; unrevealed, unidentified; secluded; recondite, occult; preserving privacy; secretly; a fact, purpose, method, that is kept undivulged; participation in the knowledge of such a fact; a nostrum; anything unrevealed or unknown; the fact of being secret, secret quality, secrecy; a secret or private place; a piece of armour hidden by clothes; the key or principle that explains or enables; an inaudible prayer; external sex organs. اولاٽو، لڪل معاملو، ڳجهو، لڪايل، پوشيدو، مخفي، رازدار، اڻڄاتو، ڀيد، راز، ڳجهه، سامر، خفيه، سِرّ، ڀيٽ، انت، وچ منجهه، درپردي، نامعلوم، ڳجهه ۾ رکيل، چڀايل، ظاهر نه ڪيل، اڻ سڃاتل، ڳوڙهو، جادوءَ جو روحاني، رهسيه، ذاتيت کي الڳ رکندڙ، ذاتي عمل لڪائيندڙ، ڇپائيندڙ. طريقو جيڪو نه ڏسيو ويو هُجي.

secreta (سڪريٽا) n pl. products of secretion. اخراج جا عضوا، اخراجي مادو، خارج ڪيل شيون، (بدن جي رطوبت) غدودي مواد، غدودي مادو.

secretage (سڪريٽيج) n treatment of furs with mercury before felting. وارن وارين کلن کي تيار ڪرڻ جو هڪ مخصوص طريقو.

secret agent (سيڪريٽ ايجنٽ) n someone employed in the secret service. خفيه پرده پوشيءَ واري نوڪري ڪرڻ. پوليس جو اهلڪار، جاسوسي ڪرڻ واري اداري جو ملازم.

secretaire (سيڪريٽيئر) n a cabinet folding out to form a writing desk, an escritoire.(Fr). لکڻ پڙهڻ جي ميز. ڪاغذن جي الماري، ڪٻٽ جنهن کي کولي ميز طور ڪم آڻجي.

secretarial (سيڪريٽيريل) adj. pertaining to a secretary. دفتري ڪم بابت، منشگيريءَ متعلق، سيڪريٽريءَ بابت.

secretariat or secretariate (سيڪريٽريٽ) n secretaryship; a secretary's office or position; the administrative department of a council, organization, legislative or executive body; a body of secretaries. مير منشي گيري دفتر، سيڪريٽريءَ جو عهدو، سيڪريٽريٽ جو دفتر، سرڪاري عملدار، سرڪاري کاتو يا محڪمو، سرڪاري ادارو.

secretary (سيڪريٽري) n a person employed to write orders, letters or who types and deals with correspondence, and does general clerical and administrative work for a company or individual; a person employed to write or transact business for a society, company; the minister at the head of certain departments of state; an ambassador's or government minister's assistant; a writing desk, a secretaire; secretary hand; secretary type. سيڪريٽري، سردفتر، ديوان، منتري، منشي، مخفي نوڪري، جاسوسي، دفتر جو مشاهون عملدار، انتظامي عملدار، انتظامي معاملن جي نظرداري ڪرڻ وارو مک عملدار، ڪنهن اداري جو مکيه انتظامي عملدار، خط ڪتابت لاءِ ذميوار عملدار، ڪنهن مک يا وڏي عملدار جومعتمد عملدار، لکڻ جي ميز، مددي عملو.

secretary bird (سيڪريٽري برڊ) n a long-legged snake-eating African bird of prey, said to be named from the tufts of feathers at the back of its head like pens stuck behind the ear. ڊگهيءَ ڄنگهن وارا نانگ کائيندڙ آفريڪي پکي، عقاب جي خاندان جوهڪ ڪونج جهڙو پکي، عقابي ڪونج، مُنشي پکي، منشي ڪڪڙ، ڪڪڙ جنهن جو ڪنب قلم طور استعمال ٿيندو هو.

secretary-general (سيڪريٽري جنرل) n the chief administrator of an organization, eg United Nations. اعليٰ عملدار، ڪنهن به جماعت جو معتمد خاص، اقوام متحده جو سيڪريٽري جنرل.

secretary hand (سيڪريٽري هينڊ) n an old legal style of handwriting. پراڻي رسم الخط، قانوني يا عدالتي معاملن ۾ ڪتب ايندڙ، هٿ اکر.

secretaryship (سيڪريٽريشپ) n. the office or employment of a secretary. سيڪريٽري جو عهدو، ڪم ڪار ۽ جوابداري.

secretary type (سيڪريٽري ٽائيپ) n a type in imitation of secretary hand. خوش خط يا هٿ اکريءَ وانگر ٽائيپ جو اکر.

secrete (سيڪريٽ) vt. to hide; to take away secretly; to form and emit by means of bodily functions. لڪائڻ، ڇپائڻ، پوشيده ڪرڻ، ڳجهو رکڻ، پاسيرو ڪرڻ، خارج ڪرڻ، اخراجي نظام مان نڪتل مادو.

secretin (سيڪريٽن) n a hormone secreted by the duodenum, that stimulates the liver and pancreas. لبلبي مادو، لبلبي انگيز.

secretion (سيڪريشن) **n** act or process of secreting; that which is secreted, eg the substance produced by a gland; a mass of mineral matter formed by inward growth in a cavity.پوشيدگي، لڪائڻ، اخراج، خارج، ڪرڻ، ٽڪ، پت، رس، پيشاب وغيره جو اخراج، چاڻ، رطوبت، پاڻياٺ، ريزش، خارجي مادو، بدن جي رطوبت.

secretive (سيڪريٽو) **adj.** causing secretion; inclined to, fond of, secrecy; very reticent; indicative of secrecy.ريزش ڪار، خارج ڪار، ڳجهڙو، گهٽ ڳالهائو، ڳجهه رکندڙ، لڪائيندڙ، ڳجهه سانديندڙ.

secretly (سيڪريٽلي) **adv.** in a secret manner; in concealment; (of prayers) inaudibly.لڪائي، لڪ چپ ۾، پنهنجيءَ پر ۾، ڳجهو، پالهو، گپ شپ ۾، چوريءَ، ڳجهه ڳوهه ۾، مخفي طور، (عبادت) بنا آواز جي، دل ۾، چپن ۾.

secretory (سيڪريٽوري) **adj.** (of a gland) secreting.بدن جي رطوبت ڪيڻ وارو، افرازي، ريزش ساز، رطوبت ساز.

secret police (سيڪريٽ پوليس) **n** a police force which operates in secret, usu dealing with matters of politics, national security etc. خفيه پوليس، جاسوسي ڪرڻ وارو پوليس جو عملو.

secret service (سيڪريٽ سروس) **n** a department of the US government service whose operations are covert, not disclosed; its activities; espionage.خفيه، يا جاسوسي ڪرڻ وارو سرڪاري (خاص ڪري آمريڪا جو) ادارو.

sect[1] (سيڪٽ) **n** a body of persons, followers, esp of a political, religious or philosophical movement; a school of opinion, esp in religion or philosophy; a subdivision of one of the main religious divisions; an organized denomination; a dissenting body; a party; a class of people; a sex..پاٽ، ڪوفو، فرقو، ذات، قومر، مت، سمپرداير، پڪ، بيڪ، جماعت، مذهبي گروهه يا جٿو، مذهبي فرقو، مختلف مذهب وارو، مخالف جنس وارو، مخالف جنس.

sect[2] (سيڪٽ) **n** a cutting..ڪاٽ، وڍڻ، وڍ، ڪٽ، شگاف، ٽڪو، ڪٽڻ، تراشڻ، چانگهڻ.

sectarial (سيڪيٽريل) **adj.** distinguishing a sect (esp in India). فرقہ بندي، ڪنهن خاص فرقي جو.

sectarian (سيڪٽيرين) **adj, n.** pertaining to a sect or sectary, or between sects; (of a crime, esp a murder) motivated solely by a hatred derived from religious bigotry; a narrow, exclusive, rigidly adhering to the beliefs of a given sect; denominational; a member of a sect; a person strongly imbued with the characteristics of a sect, esp if bigoted. خارجي، فرقہ پرست، ڪنهن مخصوص فرقي جو، ڪوفي جو، متعصب، ڪنهن خاص فرقي بابت، تعصبي، پنهنجي مذهب وارو، ڪنهن خاص فرقي لاڳو.

sectary (سيڪٽري) **n** a follower, votary; schismatic; sectarian; a member of a sect; a dissenter from the established faith..اهل بدعت، تعصبي، ڪنهن خاص پنٿ جو، ڪنهن خاص فرقي جو پيرو يا پوئلڳ، پنٿي، مکيه فرقي کان جدا.

sectator (سيڪٽيٽر) **n** an adherent of a school or party. ڪنهن خاص فرقي جو، ڪنهن مختلف خيال وارو، ڪنهن خاص طبقي لاڳو.

section (سيڪشن) **n.** act of cutting; a distinct part; a division; a portion; one of the parts into which anything may be considered as divided or of which it may be composed; the line of intersection of two surfaces; the surface formed when a solid is cut by a plane; an exposure of rock in which the strata are cut across; a numbered subdivision in a body of law; a plan of anything represented as if cut by a plane or other surface; a thin slice for microscopic examination of a specimen; the act or process of cutting or the cut or division made; a one-mile square of American public lands; a subdivision of a company, platoon, battery; a number of men detailed for a special service; a district or region; a frame for a honeycomb; a section mark; a building plot. قطاع، وڍي، جدا ڪرڻ، باب ، فصل، قلمر، ڳري، ۾ ڪرڻ، حصو، اڌياءُ، ٽڪرو، طبقو، (قانون جو) فقرو، قلمر ، دفعو، طبقو، اسڪند، پرسنگهه، قطع، وڍ، ڪٽ، ٽڪو، ڪاٽ تراش، ڀاڱو، ورهاڱو، تقسيم، ڪٽي بيهاريل بيهڪ، سنهون ڪٽيل ٽڪر (جيکوچڪاس لاءِ تيار ڪيو ويو هجي)، نمونو، نموني طور ڪپيل حصو، هڪ چورس ميل جو علائقو، ڪنهن اداري جو حصو، فوج جو حصو، دستو، ڪمپني، جٿو، ماکيءَ پالڻ جو تختو، نشان، حصي يا ورهاست جو نشان، پلاٽ جو نقشو يا پلاٽ ڪيل ٽڪر.

sectional (سيڪشنل) **adj.** pertaining to a section; in section; of sectionalism; built up of sections.خاص فرقي جو، ڪنهن خاص ڀاڱي بابت، ٽورو، تراشيل، ڀاڱائي، حصو پتي.

sectionalism (سيڪشنلزم) **n** a narrow-minded concern for the interests of a group, area, at the expense of the general or long-term; class spirit.تعصب، فرقي پرستي، پنهنجن جي خبر گيري.

sectionalize (-ise) (سيڪشنالائيز) **vt.** to make sectional; to divide into sections.حصن ۾ ورهائڻ، مختلف ٽڪرن ۾ ڪٽڻ.

section-cutter (سيڪشن ڪٽر) **n** an instrument for making sections for microscopic work.حصا ڪندڙ اوزار، چڪاس لاءِ ذرڙا ڪرڻ وارو اوزار يا چاقو.

sectionize (-ise) (سيڪشنائيز) **vt.** to section; to cut sec-

tions or slices from.حصن ۾ ورهائڻ، ڪٽڻ، ٽڪرن ۾ ورهائڻ، ورهائي ٽڪر ڪرڻ.

section-mark (سيڪشن مارڪ) **n** the sign, used to mark the beginning of a section of a book or as a reference mark.نشاني هڻڻ (ڪنهن مخصوص حصي جي شروع ٿيڻ تي)، ڪنهن حصي کي شروع ڪرڻ وارو هنڌ، باب، قطع.

sector (سيڪٽر) **n.** a plane figure bounded by two radii and an arc; a mathematical instrument useful for measuring angular distances; a length or section of a fortified line, army front, guarded area; a mathematical instrument consisting of two graduated rules binged together, with a graduated arc; a telescope turning about the centre of a graduated arc; a division, section of nation's economic operations or of military operations; to divide into sectors.قطاع دائره، حسابي ڪمن لاءِ هڪ اوزار، علائقو، هڪ انگي، قطعو، حلقو، خطو، انتظامي حصو، نقشي ڪڍڻ لاءِ هڪ اوزار، مختلف حصن ۾ ورهائڻ، فوجي حلقو يا حصو (فوجي ضرورت هيٺ)، علائقن ۾ ورهائڻ.

sectorial (سيڪٽوريل) **adj.** sectoral; adapted for cutting: a tooth designed for flesh-eating: a vein in the wings of insects.ڪٽڻ ۽ چيڀاڙڻ جي قابل، علائقائي، ڪٽيندڙ، گوشت خور جانور جو چيريندڙ ڏند، جيتن جي پرن جون رڳون.

sectorize (-ise) (سيڪٽورائز) **vt.** to divide into sectors. حصن ۾ ورهائڻ، علائقن ۾ ورهاست.

sector scan (سيڪٽر اسڪين) **n** a scan in which the antenna moves through only a limited sector.ڪنهن مخصوص علائقي کي چڪاسڻ جو نظام.

secular (سڪيولر) **adj.** pertaining to, or coming or observed once in, a lifetime, generation, century or age; pertaining to the present world, or to things not spiritual; temporal; civil, not ecclesiastical; lay, not concerned with religion; lasting for a long time; age-long; age-old; appreciable only in the course of ages or over an extended period; occurring in cycles; a layman.مذهب جي بنياد تي ڪو فرق نه رکندڙ، لادين، غير متعصب، گرهستي، سنساري، دنياداري، دنياوي، گهرباري، دؤري، صدسالہ، عمر ۾ هڪ دفعو نظر ايندڙ واقعو، صدي، غير روحاني، سڌريل، مهذب، غير مذهبي، اڻ ڇاڻ، مذهب جي ڄاڻ نه رکندڙ، جاهل، گهڻو وقت جٽاءُ ڪندڙ، وڏي عمر وارو، حياتيءَ دؤران، گولن يا دؤرن ۾، اڻ ڏريو.

secular arm (سيڪيولرآرم) **n** the civil power, authority or courts.معاشرتي طاقت، شهري طاقت، عدالتي اختيار، حڪومتي اختيار.

secular games (سيڪيولر گيمز) **n** games held at long intervals. گهڻي عرصي کان پوءِ ٿيندڙ راندين جا مقابلا.

secular hymn (سيڪيولرهائيمن) **n** a hymn for the secular games.وقتي سان ٿيندڙ راندين جي لاءِ خاص طور تيار ڪيل بيت، دعا، شعر.

secularism (سيڪيولرزم) **n** the belief that the state, morals, education should be independent of religion. سياست، اخلاقيات، انسانيت وغيرهہ کي مذهب کان ڌار سمجهڻ جو اصول، لادينيت، تعليمي نظام کي مذهب کان جدا رکڻ جو اصول، پرينچ پڌي، درشتي.

secularize (-ise) (سيڪيولرائيز) **vt.** to make secular; to convert from sacred to secular use. دينيءَ کي دنيوي ڪر لائڻ، غير مذهبي بنائڻ، دين مان دنيوي ڪم وٺڻ.

secund (سيڪنڊ) **adj.** (of leaves) all turned to or positioned on the same side. يڪ طرفو، يڪ رُخي، هڪ رخي.

secundine (سيڪنڊائين) **n** the inner (rarely outer and second-formed) coat of an ovule; the afterbirth. (جمڻ کان پوءِ) ٻچيدانيءَ جي اوڙ، زير پوش، پردو، جهلي.

secundogeniture (سيڪنڊوجينائيٽر) **n** inheritance of or by a second child or son.ٻئي ٻار کي ورثي ۾ ملڻ، ٻئي ٻار جو ورثو.

secundum (سيڪنڊم) following, according to (L). هيئيون، متعلق، ايندڙ، پوئلڳ، مطابق.

secundum artem (سيڪنڊيم آرٽيم) scientifically; professionally (L)سائنسي طريقي مطابق، ماهريت وانگر، هنري طريقي سان.

secundum regulam (سيڪنڊم ريگيولم) according to rule (L). قاعدي مطابق، قانون مطابق.

secundum ordinem (سيڪنڊ آرڊينم) in order. (L).صحيح طريقو، سلسليوار، صحيح بيهڪ ۾.

secundum quid (سيڪنڊم ڪيڊ) in some respects only (L). ڪن خاص معاملن ۾، ڪن خاص حالتن ۾.

secure (سڪيور) **adj, adv, vt & vi.** without care or anxiety; free from care or danger; safe; heedless; undisturbed; confident; over-confident, careless; assured; providing safety; stable; firmly fixed or held; in custody; in security; to make safe or certain; to assure the possession of; to establish in security; to prevent; to seize and guard; to get hold of; to contrive to get; to plight or pledge; to guarantee; to fasten; to make sure; to be, or make oneself, safe.سلامت، جوڀ، سوگهو، بلاڪو، پختو، پڪو، هٿيڪو، محفوظ، قابو، پراميد، قبضي ۾ آڻڻ، بي خطري، قبضي ۾، ويمون اتارڻ، بي ڏيالو، بنا سنديه، خاطريءَ وارو، پڪو، ڪتل، چڱيءَ طرح بيهاريل ، هٿيڪو ڪرڻ، محفوظ ڪرڻ، قبضي جي خاطري ڏيارڻ.

خاطري ڪرائڻ، (قبضو) حاصل ڪرڻ، دل جمعي ڪرڻ، اطميتان ڪرڻ، پڪ ڏيڻ، حفاظت ۾ رکڻ، سوگهو ڪرڻ، قابو ڪرڻ، بند ڪرڻ، قيد ڪرڻ، هٿ ڪرڻ، نقصان کان بچائڻ، جهلي وٺڻ، بند ڪرڻ، بڌي ڇڏڻ، پاڻ کي محفوظ ڪرڻ.

secure unit (سڪيور يونٽ) **n** a government-run institution for the confinement of difficult or mentally disordered persons, juvenile offenders دماغي مريضن کي رکڻ لاءِ جيل يا بندي خانو، چرين جي اسپتال، ٻارن جو جيل، اڻ سڌريل ٻارن جو قيد خانو.

securiform (سڪيوريفارم) **adj.** axe-shaped..ڪهاڙيءَ نما، ڪهاڙيءَ صورت، تيشي نما، تبر صورت، تيشيءَ شڪل.

securitan (سيڪيوريٽن) **n** one who dwells in fancied security.اهڙو ماڻهو جيڪو تمام گهڻي حفاظتي نظام اندر رهندو هجي.

Securitate (سڪيوريٽيٽ) **n pl.** the secret police of Romania. رومانيه جي خفيه پوليس.

securitization (سڪيوريٽائيزيشن) **n** the procedure, practice of policy of making loans, mortgages into negotiable securities..قرضن کي خاطريءَ وارو ڪرڻ جو نظام. شين کي گروي رکي قرض ڏيڻ.

securitize (ise) (سڪيوريٽائيز) **vt.** to make debts into securities. قرضن کي موڙيءَ ۾ شامل ڪرڻ جو اصول .

security (سڪيوريٽي) **n** safety; confidence; state, feeling or means of being secure; carelessness; protection from espionage, theft, attack; staff providing such protection; certainty; a pledge; a guarantee, a surety; a right conferred on a creditor to make him or her sure of recovering a debt; a bond or certificate in evidence of debt or property; providing security. هٿڻ، امن، سوگائي، سلامتي، حفاظت، ضمانت، ڪفالت، ضامن، حفاظتي نظام ،حفاظت ڪرڻ، ضمانت ڏيڻ، ضامن پوڻ، قرض جي وصوليءَ جي خاطري ڪرائڻ، حفاظت مهيا ڪرڻ.

security blanket (سڪيورٽي بلينڪٽ) **n** a blanket, piece of material, that a child comes to depend upon for a sense of comfort and security; something that (irrationally) makes one feel secure or happy; an official set of measures, a policy, applied to conceal a matter of national security.ڪمبل، ٻار کي حفاظت ۾ رکڻ جو نظام.اهڙي شيءِ جنهن سان ڪو پاڻ کي محفوظ محسوس ڪري، خاطريءَ جهڙا اپاءَ وٺڻ لاءِ مقرر ڪيل سرڪاري اصول، قومي سلامتيءَ جي معاملن کي خفيه رکڻ جو نظام.

Security Council (سڪيورٽي ڪائونسل) **n** an important organ of the United Nations consisting of five permanent members (China, France, Russia, UK, USA, each with the right of veto), and ten elected two-yearly members, charged with the maintenance of international peace and security.سڪيورٽي ڪائونسل، اقوام متحده جو هڪ سڀ کان وڏيڪ طاقتور ادارو يا حصو، گڏيل قومن جو هڪ ادارو.

security risk (سڪيورٽي رسڪ) **n** a person considered from his or her political affiliations or leanings to be likely to divulge state secrets.خطري وارو معاملو، قومي سلامتيءَ لاءِ هاڃيڪار.

sedan (سيڊان) **n** a kind of covered chair for one person, cared on two poles; a litter; a palanquin; a large closed motor car, a saloon-car..ڏولي، محافو، لوڏي، پالڪي، موٽرڪار، پنجن يا وڏيڪ ماڻهن لاءِ موٽر گاڏي.

sedate (سيڊيٽ) **adj & vt.** composed in manner; dignified, placid or staid; sober, serious; slow in a boring or dignified way; to calm or quieten by means of sedatives. گنڀير، ڌير، ڳورو، سانتيڪو، سنجيده، ساڪن، ماٺيڻو، قائم، مستقل، ڌيرج وان، ٿڌي مزاج وارو، سڪون ۾، نشو ڏيڻ، ننڊ ڪرائڻ.

sedation (سيڊيشن) **n** the act of calming, or state of being calmed, esp by means of sedatives.پرسڪون ڪرڻ، سنجيده بنائڻ، نشو ڏيڻ، ننڊ ڏيڻ، دوائون ڏئي آرام ڪرائڻ، آرام، فرحت، ننڊ، سڪون.

sedative (سيڊيٽو) **adj, n.** tending to soothe; calming; composing; allaying excitement or pain; a sedative drug or agent..مسڪن، ٺاريندڙ، (دوا) آرام ڏيندڙ، سڪون آور، فرحت بخش، تسڪين ده، راحت بخش، ننڊ آور طبي مادو.

se defendendo (سي ڊيفينڊينڊو) **n.** in self-defence (L). پنهنجي بچاءَ لاءِ، خود حفاظت اختياري.

sedent (سيڊينٽ) **adj.** seated. ويٺل، سست، ڍرو، آرامي، فرحتي.

sedentary (سيڊينٽري) **adj.** accustomed to sitting much and taking little exercise; requiring much sitting; inactive; stationary; not migratory; (of a spider) lying in wait, for prey; (of animals) attached to a rock or other surface, and so moving very little..بيٺڪ پسند، وهڪ جو ڪم، ويٺل، ڪاهل، لڪمو، سست، بي حس وحرڪت، آرام طلب، سڪونت، ويهڪ ڪندڙ، ستيل، (ڪوريئڙو) شڪار جي انتظار ۾ تيار ويٺل، (جانور يا جيت) چنبڙيل ۽ آهستي چرپر ڪندڙ، ڪاهل، بي حرڪت، مقيم، جميل، ويٺل، غير ترقي پذير، تمام گهٽ چرپر ڪندڙ.

sedentary soil (سيڊينٽري سوائل) **n** soil remaining where it was formed..ويٺل زمين، جميل زمين، غير زرخيز زمين، قائم، مٽي، ترقي نہ ڪندڙ زمين، ساڳي حالت ۾ قائم زمين جو مٽاچرو.

Seder (سيڊر) **n** the ceremonial meal and its rituals on

the first night or first two nights of the Passover رسمي ڪاڌو، يهودين جو عيد وارن موقعن تي ڪاڌي جو.(Heb) نظام.

sederunt (سيڊرنٽ) n a sitting, as of a court or the like; a formal meeting; a list of persons present (ڪورٽ جو) اجلاس، وهڪ، بيٺڪ، مقرر ملاقات، حاضر يا موجود ماڻهن جي فهرست.

sedes (سيڊس) n a seat (L).ڪرسي يا ويهڻ جو هنڌ، وهڻ جي جاءِ.

sedes impedita (سيڊس امپيڊيٽا) a papal or episcopal see where there is a partial cessation by the incumbent of his episcopal duties.(L)مذهبي ادارو جتي پوپ جي طرفان ڪوبہ عهديدار مقرر نہ ڪيل هجي.

sedes vacans or **vacante** (سيڊس ويڪنس يا ويڪنٽ) a term of canon law to designate a papal or episcopal see when vacant (L).مذهبي قانون جو نقطو جنهنجو مطلب آهي تہ ڪو مذهبي ادارو خالي آهي.

sedge (سيج) n any species of Cares or other plant of a family distinguished from grasses by its solid triangular stems and leaf-sheaths without a slit; extended to iris and other plants growing mostly in marshes and swamps. ڪَل، ناگرموٿ جي قسم (جو گاھ)، ڪبهہ گاھ، ڪل گاھ، ڪبهہ جهڙو گاھ، ڪلوڙو گاھ، گاهن وارن ٻوٽن جو وڏو ڪٽنب جنهن ۾ ڪثريڪس گاھ خاص قسم ليکيو وڃي ٿو.

sedge fly (سيج فلاءِ) n. any of several mayflies or caddis flies common along rivers; an artificial fishing fly, resembling a sedge fly.پاڻيائن علائقن جو مک جي قسم جو جيت، مڇين پڪڙڻ لاءِ هترادو چاري طور تيار ڪيل جيت.

sedge warbler (سيج ربلر) n a common British warbler of watery places.چٽ چر، پاڻ لڪڪي پکي، لنڊو بوليندڙ جهار جهڙو پکي.

sedgy (سيجي) adj. of, like, or abounding with sedge. ناگرموٿ گاھ جي ڪثرت وارو علائقو، ڪبهہ گاھ سان ڀريل زمين.

sedigitated (سيجيٽيٽڊ) adj six-fingered (L).ڇهن آڱرين وارو، ڇهہ آڱريو.

sediment (سيڊيمينٽ) n & vt. solid matter that settles at the bottom of a liquid; lees; dregs; a deposit; material deposited by water, wind or ice and formed into rock; to deposit as sediment; to cause or allow to deposit sediment. پيچڪ، گيرٽ، ترو، آخر، رڳي، ورن ڪِٽي، لٽ، مٽي جيڪا تري ۾ ويهي وڃي، پيچڪ، تري واري مٽي.

sedimentary rocks (سيڊميٽري راڪس) n those formed by accumulation and deposition of fragmentary materials or organic remains.ره وارو جبل، تري جو پهاڙ، پهاڙي تر، ذرڙاتي لٽ لڪري، تهہ دار لٽ، رہ واريون لڪريون، تهہ متان تهہ چڙهيل لڪريون جيڪي گيرڻ جبل جي بناوت آهي.

sedimentation (سيڊيمينٽيشن) n deposition of sediment; the formation of sedimentary rocks.تري ۾ ويٺل مٽي، رہ بندي، لٽ، تهہ، لٽ جمع ٿيڻ، تهہ چڙهڻ، لٽ سٿجڻ، رہ چڙهڻ.

sedimentology (سيڊيميٽالاجي) n the study of sedimentary rock.پيچڪ جي باري ۾ علم، تهہ د ر تهہ جبلن جي ٺهڻ جو مطالعو.

sedition (سيڊيشن) n. a commotion in a state; insurrection; public speech or action intended to promote disorder; vaguely, any offence against the state short of treason..فتنہ انگيزي، فتور، بغاوت، فساد، سرڪشي، راڄ دوھ، فتنو، حڪومت خلاف نقصانڪار ڪاروائي، حڪومت خلاف نفرت جو پرچار.

seditionary (سيڊيشنري) n an inciter to sedition; inducement to attempt, otherwise than by lawful means, alteration in church or state.فسادي، فتنو پيدا ڪندڙ، حڪومت خلاف تخريب ڪاري يا نفرت ڦهلائندڙ.

seditious (سيڊيشس) adj pertaining to sedition, stirring up sedition; inflammatory..بغاوتي، پرفتور، مفسد، فسادي، فتوري، راڄ دوهي، فتنہ انگيز، سازشي، فتنہ انگيز، وگوڙي، ٻاھ ٻرڪائيندڙ، نفرت ڦهلائندڙ.

seduce (سيڊيوس) vt. to lead astray; to draw aside from party, belief, allegiance, service, duty; to lead astray; to entice; to corrupt; to induce to have sexual intercourse..ريهڻ، ريڻ، ريچڻ، ڏتڻ، ڏتارڻ، چترائڻ، شدائڻ، هرڪائڻ، برغلائڻ، خراب ڪرڻ، ترغيب ڏيڻ، گمراھ ڪرڻ، پڃائي وجڻ، بي عصمت ڪرڻ، گمراهي جي دعوت ڏيڻ.

seducement (سيڊيوسمينٽ) n. act of seducing or drawing aside; allurement.ترڪڻ، اغوا، بهڪاء، گمراهي، گناھ طرف راغب ڪرڻ، ريهي ريبي پاسي تي ولي وجڻ.

seducer (سيڊيوسر) n one who seduces, esp in the sexual sense. زناڪار، ريبي، بگاڙيندڙ، ڏترّ، ڏتاريندڙ، برغلائيندڙ، گناھ طرف راغب ڪندڙ، جنسي عمل لاءِ آماده ڪندڙ.

seduction (سيڊڪشن) n act or practice of seducing; allurement; the persuading of a female to surrender her chastity. ريب، ڏت، ريچ، پرلوپ، ڏتار، اغوا، فريب، گمراهي، دل رباڻي، فريب، ڏتاري وجڻ، ڏتاري زنا ڪرڻ، دوکو ڏئي لچالت ڪرڻ، عورت کي زنا لاءِ تيار ڪرڻ.

seductive (سيڊڪٽو) adj. tending to seduce; enticing; alluring. پرلوپي، هرڪائيندڙ، موهيندڙ، ڏتاريندڙ، زيباڪو، ڏتر، برغلائيندڙ، گمراھ ڪندڙ، چڪيندڙ.

seductor (سيڊڪٽر) n one who seduces or misleads.

اغوا ڪندڙ، ورغلائيندڙ، برغلائيندڙ.

seductress (سيڊڪٽريس) **n** a female seducer(عورت) ورغلائندڙ يا برغلائيندڙ عورت.

sedulous (سيڊيولس) **adj.** assiduous or diligent; industrious; painstaking.محنتي، اڄمي، ڪوشان، سعيائتو، جفاڪش، سرگرم، ڪوشش ڪندڙ، اورچ، آدمي.

sedum (سيڊم) **n** any rock plant of the genus sedum, with white, yellow or pink flowers.پٿر ول، جنس پٿر ول (بوٽو)، جنس پٿر بيل.

see[1] (سي) **vt. & vi.** to perceive by the eye; to notice; to perceive mentally; to apprehend; to recognize; to realize; to understand; to learn; to be aware by reading; to look at; to judge, to deem; to find attractive about; to refer to; to ascertain; to regard as likely, or possible; to make sure of having; to wait upon, escort; to spend time with, or meet with regularly, esp romantically; to call on; to receive as a visitor; to meet; to consult; to experience; to witness; to meet and accept bet by staking a similar sum; to spend on seeing; to have power of vision.ڏسڻ، اکين سان ڏسڻ، دماغي طور محسوس ڪرڻ، سڃاڻڻ، سڌ ڪرڻ سمجهڻ، خاطري ڪرڻ، اندازو ڪرڻ، اعتبار ڪرڻ، ميڻ، وسهڻ، نهار ڪرڻ، وڃي ڏسڻ، پسڻ، پڪ ڪرڻ، خيال ڪرڻ، غور ڪرڻ، سمجهڻ،جاچ ڪرڻ، ملڻ، نظر ڪرڻ، سهي ڪرڻ، ڏسڻ، ملاقات ڪرڻ، انتظار ڪرڻ، ڌيان ۾ رکڻ، خيال رکڻ، گڏجي وڃڻ، حفاظت ڪرڻ، وقت گڏجي گذارڻ، روز روز ملاقات ڪرڻ، عشق ڪرڻ، آدرڀاءُ ڪرڻ، صلاح مشورو ڪرڻ، داءُ لڳائڻ، نظر وارو، ديد وارو.

see[2] (سي) **n** a seat, esp of dignity or authority; a throne, esp a bishop's; the office of bishop of a particular diocese.اسقف اعظم جو علائقو، پادريءَ جو دائرهٔ اختيار، ڪنهن ديول جو اختيار يا حد، عزت ڀريو مقام.

see about (سي اباؤٽ) to consider; to do whatever is to be done about; to attend to.(ڪنهن جي باري ۾) سوچڻ، غور ويچار ڪرڻ، ڌيان ڏيڻ، جيڪو ڪجهه ڪري سگهڻ سو ڪرڻ.

seecatch (سي ڪيچ) **n** an adult male Aleutian fur seal. بالغ ۽ واردار کل وارو سيل جانور، ساموئدي ٻلي شڪل سيل جانور.

seed (سيڊ) **n, vt, vi.** a multicellular structure by which flowering plants reproduce, consisting of embryo, stored food, and seed-coat, derived from the fertilized ovule; seeds collectively; a small-hard fruit or part in a fruit, a pip; a seedlike object or aggregate; semen; spawn; the condition of having or proceeding to form seed; sown land; grass and clover grown from seed; a first principle; origin, beginning or germ; a crystal introduced to start crystallization; offspring, descendants, race; a small bubble in glass; a tournament player who has been seeded; to produce seed; to run to seed; to sow; to sprinkle, powder, dust; to remove seeds from. داڻو، ڪڻو، تخم، ڪڪڙي، بنياد، ٻج، ويرج، نطفو، ٻيجارو، ڄڻ، ٻڻ، نسل، ٻج پوکڻ، سڪل يا خشڪ ميوو، ڦٽڻ، ٻج مان نڪرڻ، ٻج مان نڪتل سلو، مکيه يا بنيادي اصول يا متو، بلوري صورت ولڻ، جمڻ شروع ڪرڻ، قلمي حالت ۾ بدلجڻ شروع ڪرڻ، چونڊيل يا آزمايل رانديگر، ٻج پيدا ڪرڻ، پوکڻ، پائوڊر يا مٽي ڇٽڻ، ٻج جدا ڪرڻ، ٻج ميڙي الڳ رکڻ.

seed bank (سيڊ بئنڪ) **n** the total viable seed content of the soil; a collection of seeds in long-term storage, which can be germinated as required for breeding and study.ٻجن جو ذخيرو، زمين ۾ موجود ٻجن جو اندازو يا تعداد.

seed bed (سيڊ بيڊ) **n** a piece of ground for receiving seed; an environment, that fosters a particular thing.ٻني، باري، ٻج ڪياري، ٻيجارڻ، ڪمايل زمين، ٻج پوکڻ لاءِ تيار ڪيل زمين.

seed box or case (سيڊ باڪس آرڪيس) **n** a part of a plant in which the seeds are encased.ٻوٽي جو ٻج ڪان ٻاهر نڪرڻ، ٻج جو ڪوکو، ٻج ڪوش، ٻج کل، ٻج خالو، تخم پردو، کل، تهه، ڪوش.

seed cake (سيڊ ڪيڪ) **n** a cake flavoured with carawy seeds. ڪارو جيرو يا پلاءُ جيري پيل ڪيڪ.

seed capital (سيڊ ڪيپيٽل) **n** capital provided to allow a new company to finance the costs of producing the business plan necessary to raise further capital for development..بنيادي موڙي، پهرين سيڙپ، اصل موڙي، بنيادي سيڙپ، ڪنهن اداري کي شروع ڪرڻ لاءِ گهربل گهٽ ۾ گهٽ ناڻو يا موڙي جنهن جي بنياد تي اهو وڌيڪ موڙي ڪٺي ڪري سگهي.

seed-coat (سيڊ ڪوٽ) **n** the hard protective covering the seeds of flowering plants, the testa.ٻج جو سخت تهه، ٻج کل، ٻج پوش، ٻج ڍڪ، کل، ڇلڪو، تهه.

seed-coral (سيڊ ڪورل) **n** coral in small irregular pieces. مرجاني ٻيهڪ، ننڍا ۽ غير مڪمل مرجاني ٻوٽا.

seed-corn (سيڊ ڪارن) **n** grain for sowing; assets likely to bring future profits.(پوکڻ لاءِ) اناج جو ذخيرو يا داڻو ، ٻج داڻا، (ٻج لاءِ) اناج وارو فصل، داڻن لاءِ پوکيل اناجي فصل.

seed-drill (سيڊ ڊرل) **n** a machine for sowing seeds in rows.ٻج ناڙي، ناڙي، تخم پاش اوزار، (پوکيءَ لاءِ)، مشيني اوزار جنهن رستي ٻج قطارن ۾ پوکيو وڃي.

seeded (سيڊيڊ) **adj.** sown; sprinkled or covered with seed; bearing seed. پوکيل، پوکيل ٻج، ڪاشت ٿيل ٻج، ٻج پيل يا ٻج پريل، ٻج وارو.

seed-field (سيڊ فيلڊ) **n** a field in which seed is sown. زمين جنهن ۾ ٻج پوکيو وڃي، پوکيءَ لاءِ تيار زمين.

seed-fish (سيڊ فش) **n** a fish about to spawn. مڇيءَ جا آنا، آنا لاهڻ لاءِ تيار مڇي، آنا لاهيندڙ مڇي.

seed-lac (سيڊ ليڪ) **n** granular residues of lac after trituration. داڻن جي چاڻڻ کان پوءِ زريءَ جي ڏاڪن نما بچتو مادو، لاک جو چاڻ يا بچتو مادو.

seed-leaf (سيڊ ليف) **n** a cotyledon, a leaf contained in a seed. پن جيڪي ٻج سان گڏ هجن، ٻج پن، تخمي پن، تخم پن، ڪوئنچ، ڪچڙو پن.

seedling (سيڊلنگ) **n.** a plant reared from the seed. ٻيجو، ٻيجارو، سلو، مرائي، ننڍي ٻوٽو، ڦٽل سلو، ٻيجارڻ.

seed-lip (سيڊ لپ) **n** a sower's basket. ٻج پوکڻ واري جي ٽوڪري، ٻج ٿيلهي، ٻج ڳوٿري، ٻج ڇٽ وارو ڪانبو.

seed-lobe (سيڊ لاب) **n** a cotyledon. ٻج حصو، ٻج ٽڪرو، تخم پاڳو.

seed money (سيڊ مني) **n** money with which a project or enterprise is set up, seed capital. سوڙي، بنيادي موڙي، ابتدائي سيڙپ.

seed oil (سيڊ آئل) **n** oil expressed from seeds. ٻجن مان حاصل ٿيندڙ تيل.

seed oyster (سيڊ آسٽر) **n** a very young oyster. ننڍڙي سپ، مڇي، ڪهونگهو، تخمي سپ.

seed pearl (سيڊ پرل) **n** a very small pearl. ننڍڙو موتي يا گوهر، موتيءَ جا ننڍا داڻا، سنهڙا موتي، سچا موتي.

seed plant (سيڊ پلانٽ) **n** a spermatophyte or flowering plant; a plant grown from or for seed. ٻج مان ڦٽندڙ ٻوٽو، ٻج ٻوٽو، تخم ٻوٽو.

seed-plot (سيڊ پلاٽ) a **n** piece of nursery ground, a hotbed. ٻيجارڻ، ٻج ڪياري، ٻج باري، ٻوٽي ڪياري.

seed-potato (سيڊ پوٽاٽو) **n** a potato tuber for planting. پٽاٽن جي فصل پوکڻ لاءِ ٻج، پٽاٽن جو ٻج، ٻيجي پٽاٽو، ٻج پٽاٽو.

seed stalk (سيڊ اسٽاڪ) **n** the funicle. ٻج جي ڏنڊي، تخمي ڏانڊي، تخمي تڙي، ڳنر، پوک، ڏوهر، ٻج تند، ٻج نتور.

seed time (سيڊ ٽائيم) **n** the season proper for sowing seeds. ٻج پوکڻ جي موسم، پوکيءَ جي مند، پوکيءَ جو وقت، پوکائيءَ جي موسم.

seed vessel (سيڊ ويسل) **n** a dry fruit; the ovary of a flower. خشڪ ميوو، گل جي ڳڀيرڻ، ٻج دائي، تخم دائي، ٻج دان، خشڪ ڦل.

seedy (سيڊي) **adj.** abounding with seeds; run to seed; shabby; feeling or appearing wretched. ٻيجائتو، ٻجيرو، گهڻ ٻيجو، ٻج وارو، ٻج ڀريل، ٻيجارو، گهڻ ٻج، بي مزي، عليل، اڻ کيل، ڪٽڙيل، ٿڪل ٽٽل، ڪاهل، ناساز.

seedy-toe (سيڊي ٽو) **n** a disease of a horse's foot. گهوڙن جي پيرن جي بيماري.

see fit (سي فِٽ) **n.** to think it appropriate. ٺلڪل صحيح سوچڻ، صحيح يا مناسب سمجهڻ.

see in (سي اِن) **n.** to witness, greet or celebrate the arrival of. ڏسڻ، آدرڀاءُ ڪرڻ، ڀليڪار ڪرڻ، خوش آمديد ڪرڻ، ڪنهن ڳالهه جي ٿيڻ تي خوش ٿيڻ يا ملهائڻ، ڪنهن ڏڻ جي اچڻ جي خوشي ڪرڻ.

seeing (سيئنگ) **n, conj.** sight; vision; clear-sightedness; atmospheric conditions for good observations; having sight, or insight; observant; discerning; since; in view of the fact that. ڏسڻ، نظارو، نگاهه، نظر، نظر جو صحيح هجڻ، اڀياس ڪرڻ لاءِ ماحولياتي حالتن جو بهتر هئڻ، پري تائين ڏسي سگهڻ، سمجهو، هوشيار، سياڻو، سيتو، ڪنهن حقيقت يا حالت ڪري.

seek (سيڪ) **vt & vi.** to search for; to solicit; to look for; to try to find, get or achieve; to ask for; to aim at; to resort to, betake oneself to; to advance against; to try; to appear; to search, examine; to make a search; to resort. تلاش ڪرڻ، ڏورڻ، ڳولهڻ، چاهڻ، گهرڻ، ڊونڊڻ، ڀچڻ، سراغ، ڳولي لهڻ، چڪاسڻ، ڪوشش ڪرڻ، رجوع ڪرڻ.

seek after (سيڪ آفٽر) **n** to go in quest of. ڳولها يا تلاش ۾ وڃڻ، پويان وڃڻ، پويان پوڻ، پيڇو ڪرڻ.

seeker (سيڪر) **n** a person who seeks; an inquirer; a dissector's probing instrument; a telescopic finder. گهورو، خواهان، ڳولائتو، طالب، سمجهڻ، پڇاڳاڇا ڪندڙ، خوردبيني اوزار.

seek for (سيڪ فار) **n** to look for. ڳولڻ ڪنهن کي لاءِ ڏسڻ، تلاش ڪرڻ، ڳولها ڪرڻ.

seek-no-further (سيڪ نو فردر) **n** a reddish winter apple. ڳاڙهو صوف (سياري ۾ ٿيندڙ).

seek out (سيڪ آئوٽ) **vt.** to look for and find; to find after much searching; to bring out from a hidden place. ڳجهين جڳهن تان ڳولهي لهڻ، ڳولهي لهڻ، حاصل ڪرڻ، لڪل جاءِ تان ڪڍي اچڻ.

seel[1] (سيل) **vt.** to sew up the eyelids of (eg a hawk); to blindfold; to blind, hoodwink. انڌو ڪرڻ، اکيون ٽوپڻ، اکين تي پٽي ٻڌڻ جيئن باز جا شڪاري ان جي اکين کي سبي ڇڏيندا آهن يا ٽوپي چاڙهي ڇڏيندا آهن، ٻگهه پکيءَ کي انڌو ڪرڻ (جيئن ان سان پکي پڪڙي سگهجن)، دغا ڪرڻ، سرمو پائي وڃڻ، ٺڳڻ، کسڪائي وڃڻ.

seel[2], **sele** or **seal** (سيل) **n** happiness; good fortune; opportune time; season; time of day.خوشي. سٺو نصيب. ڏينهن جو وقت. سٺي قسمت. ڀاڳ. سٺي موسم. بهتر موسم. مند. رت. مناسب وقت.

seel[3] (سيل) **vi & n.** to heel over suddenly; a sudden heeling. اوچتو جهڪڻ. ليٽڻ. ليٽي وڃڻ.

seely (سيلي) **adj** fortunate, happy, good; simple, innocent; pitiful, wretched, trifling; to be pitied, poor, foolish..خوش. خوشقسمت. ڀاڳ وارو. قسمت وارو. سٺو. سادو. معصوم. قابل رحم . بي حال. بدحال. معمولي. رحم ڪائڻ. غريب. بيوقوف.

seem (سيم) **vi & vt.** to appear; to look as if; to appear to one; to appear to be; to be fitting; to be seem, befit. ڀاسڻ. ڀائنجڻ. نظر ۾ اچڻ. ڏسجڻ. سمجهڻ. ڏسڻ ۾ اچڻ. معلوم ٿيڻ. سهڻو يا لائق هئڻ. مناسب هئڻ.

seeming (سيمنگ) **n, adj, p.a.** appearance; semblance; a false appearance; apparent; ostensible; apparently; in appearance only; appearing; specious; ڪوڙو. ڏيک. ٻاهريون نمائشي. ظاهري. مڪر. ملمع سازي. هڪ جهڙائي. شڪل. شبيهه. ظاهر. نظر ايندڙ. ڪليو ڪلايو. خالي ڏيک وارو. ٻاهريون ڏيک ويک.

seemingly (سيمنگلي) **adv.** apparently; as it would appear. ظاهرون. ڏسڻ ۾. ڏسڻي. ظاهري. صاف. واضح.

seemless (سيمليس) **adj.** unseemly; indecorous. اڻ سهائيندڙ. بدزيبو. نازيبا. نامناسب. ناشائستو. غلط. اڏنگو. اڻ وڻندڙ. غير پسنديده.

seemly (سيملي) **adj, adv.** becoming; suitable; decorous; decent; handsome; in a suitable manner. ڏسڻو. اُچت. لائق. وڙائتو. مناسب. واجب. ناموڪو. سهڻو. خوبصورت. وڻندڙ. زيبائتو. شائستو. اشراف. فضيلت ڀريو. مهربان. سهڻي نموني. وڻندڙ طريقي. سٺي نموني. چڱيءَ طرح.

see off (سي آف) **n** to accompany (someone) at their departure; to reprimand; to get rid of..اماڻڻ. اُڀرائڻ. موڪلائڻ مهل ڪنهن سان گڏ هجڻ. خدا حافظ ڪرڻ. روانو ڪرڻ. هدايت ڪرڻ. جند ڇڏائڻ. جند ڇٽڻ.

see out (سي آئوٽ) **n** to conduct to the door; to see to the end; to outlast.آخر تائين ڏسڻ. دروازي تائين وڃي موڪلائڻ. آخر تائين گڏ هجڻ.

see over or **round** (سي اوور آر رائونڊ) to look or be conducted all through (eg premises, property).(هر شيءِ جي) نظر داري ڪرڻ. چوڌاري گهمي ڦري ڏسڻ.

seep (سيپ) **vi & n** to ooze; a place or area where water or other liquid has oozed through the ground, seepage..سمڻ. نمڻ. آهستي آهستي وهڻ. رسڻ. ڦڙو ڦڙو وهڻ. ننڍو چشمو. پوسلي. سمندڙ.

seepage (سيپيج) **n** the action of seeping; water or other liquid that has seeped..جيڪو وهي نڪري. سم ڪلر. سيمو. سم. آب خيزي. رساءُ. سمڻ. وهڻ. نمڻ. ڳڙڻ. زميني پاڻيءَ جو زمين جي مٿاڇري تان آهستي آهستي ٻاهر نڪرڻ. پاڻيءَ جو رسڻ.

seer (سيئر) **n** one who sees into futurity; a prophet. غيب دان. اهل بصيرت. اڳڪٿي ڪندڙ. نبي. پيغمبر. آتم گياني. اولياءُ.

seersucker (سيرسڪر) **n** a thing crinkly Indian linen (or cotton) striped or checked fabric.ململ يا وائل جو چريل ڪپڙو. ليڪن يا چوڪُنڊين وارو سنهو سوٽي ڪپڙو.

seesaw (سي سا) **n, vt.** a swinging movement up-and-down or back-and-forth; repeated alternation; a playground device, a plank balanced at its centre so that children sitting on either end can rise and sink alternately; to activity of rising and sinking on it.پينگهه. لوڏالوڏي. لوڏ لوڏ. لوڏ لوجهه. چينگهه. ٻارن جي هڪ قسم جي راند. لڏڻ. هيٺ مٿي ٿيڻ. تختو جنهن تي ٻنهي طرفن ٻار ويهي هيٺ مٿي ٿين.

seethe (سيٿ) **vi & vt.** to be in a state of ebullition; to be hot; to boil; to surge; to be agitated (by anger, excitement); to boil; to soak to a condition similar to that produced by boiling.اٻڙڪڻ. اٻارڻ. رڌڻ. سجهائڻ. ايامڻ. ٽهڪڻ. ٽهڪائڻ. جوش ڏيارڻ. اٻرڻ. جوش ۾ هجڻ. اٻڙڪندڙ.

see through (سي ٿرو) to participate in to the end; to back up till difficulties end; to understand the true nature of, when faults or bad intentions are concealed by a good appearance.آخر تائين ساٿ ڏيڻ. ڪنهن جي توڙ تائين پرداخت لهڻ. حقيقت جاڻڻ. صحيح طبيعت سڃاڻڻ. هيٺ مٿاهين جاچڻ. آرپار نظر وجهڻ.

seg (سيگ) **n** a stud or small metal plate in the sole of a shoe to protect it from wearing down, esp at the toe or heel; a callus, esp at the base of the finger.سخت تهه. بوٽ جي تري ۾ لڳل لوهي پٽي يا تهه جيڪو ان کي گسڻ کان بچائي.

Seger cones (سيگر ڪونس) **n pl.** small clay and oxide cones, used in furnaces to indicate the temperature reached, by softening and bending over within a particular temperature range.مصالح مٽيءَ جا ننڍا نهيل تکر جيڪي ڀٺيءَ جي گرميءَ جو درجو ڄاڻائڻ لاءِ ڪتب اچن.

seggar(سيگر) **n.** a case of fire-clay in which fine stoneware is enclosed while baked in the kiln.ڪوري يا آويءَ ۾ بهتر قسم جي ٿانون پچائڻ وقت مٽيءَ جي نهيل ٿانو کي ڀٺي ٿانءَ اندر رکي پچائڻ جو عمل. چينيءَ جي بهتر قسم جي ٿانون کي ڀٺيءَ ۾ پچائڻ جو خاص طريقو.

segment (سيگمينٽ) **n, vt. & vi.** a part cut off; a section; a portion; part of circle, ellipse, cut off by a straight line, or of a sphere, ellipsoid, by a plane; one of a linear series of similar portions, of a vibrating string between nodes; a natural division of a body; a somite or metamere of a jointed animal, or a joint of an appendage; a lobe of a leaf-blade not separate enough to be a leaflet; the smaller sound unit of speech; to divide or cut into segments. ٽڪري، ڦاڪ، ڦار، حصو، ڪاٽ، ڀاڱو، ٽڪرو، چلو، ڪپو، قطعو، ڪپڻ، ورهائڻ. گول جو حصو. ڳرهڻ حصو. اکر يا حرف جو حصو. سڌيءَ ليڪ سان ڪپيل ڀاڱو. جوڙ جو حصو. پن جو حصو. هلڪو اُچار. حصن ۾ ورهائڻ. حصا ڪرڻ. جدا ڪرڻ.

segmental (سيگمينٽل) **adj.** of a segment; by segments; forming or formed of a segment, segments, arc or arcs. ڀاڱن ۾ ورهائڻ. ٽڪرا ڪرڻ. ڦاڪدار. ڀاڱي دار. حصيدار. چليدار.

segmental arch (سيگمينٽل آرچ) **n** an arch forming an arc of a circle whose centre is below the springing. ڪمان. قوس. حصيدار ڪماني.

segmentation (سيگمينيشن) **n** the act or process of dividing into segments; an instance of this; the process of repeated cell division in a fertilized ovum, initially forming a cell division in a fertilized ovum, initially forming a solid mass of cells, followed by the diversification of cells into specific tissue types. ڦاڪون ڦاڪون ڪرڻ. ڦاڪ بندي. حصي داري. تقسيم ڪاري. ڀاڱيواري. حصا. ڀاڱا. ٽڪرا. ورڇ. ورهاست.

segmentation cavity (سيگمينيشن ڪيوٽي) **n** a blastocele هوا جي گذرڻ جو رستو. ڦاڪ بندي خال. حصيدار خال.

segno (سيگنو) **n** (music) a sign to mark the beginning or end of repetitions (Ital). شروع ٿيڻ يا ختم ٿيڻ جو نشان.

sego (سيگو) **n** a showy liliaceous plant of the western US. اولهہ آمريڪا جو سهڻو ٻوٽو. آمريڪي ليلوفري سينگاريل ٻوٽو.

segreant (سيگريئنٽ) **adj.** generally understood to mean with raised wings. مٿي ڪيل پرن وارو. اڀن پرن وارو. پکي. جهاز.

segregate (سيگريگيٽ) **vt., vi. adj. & n.** to set apart or separate; to seclude; to isolate; to group apart; to separate out in groups or mass; to separate into dominants and recessives; set apart; that which is segregated. ڌار ڪري ڇڏڻ. الڳ. ڌار. جدا. علحدو. الڳ رکڻ. جدا ڪرڻ. عليحده ڪرڻ. جٿن يا گروهن ۾ ورهائڻ. مٿاهن يا هيٺاهن (حصن) ۾ ورهائڻ. جدا ڪري رکڻ. جدا ڪيل. الڳ ڪيل.

segregation (سيگريگيشن) **n.** act of segregating; separation; state of being segregated; dispersal; separation of dominants and recessives in the second generation of a cross; the separation of hereditary factors from one another during spore formation; the separation into patches or undistributed areas of impurities, inclusions and alloying constituents in metals; a segregated mass or group; separation of one particular class of people from another, on grounds of race. جدائي. عليحدگي. ڌار ڪرڻ. الڳ ڪرڻ. تفرق. ويڇوڙو. ٻئي کان ڌار ڪرڻ. الڳ ٿيڻ. جدا ٿيڻ جو عمل. ڦهلاءُ. چڙوچڙ ڪرڻ جو عمل. ڳاڏڙ جنس جي مختلف جنسن کي الڳ الڳ گروهن ۾ ورهائڻ. ورثاتي جيون جو واڌ دوران هڪ ٻئي کان الڳ ٿيڻ جو عمل. غير مادي جو جدا ٿي بيهڻ. جدا ڪيل مادو. جدا يا الڳ ڪيل جٿو. مختلف قسمن جي ماڻهن جو جنسن جي بنياد تي ورهاڱو.

segregationist (سيگريگيشنسٽ) **n** a believer in racial or other segregation. مختلف قومن يا ذاتين جي ورهاست جو حامي. مختلف قومن جي گڏجڻ جو مخالف.

segue (سيگيو) **vt** (music) to proceed without pause, to follow on, a musical direction (literally, it follows on, apprehended as an imperative) to proceed immediately with the next song, movement; a compilation in popular recorded music, in which tracks follow on continuously (Ital). وقفي کانسواءِ اڳتي وڌڻ. (موسيقي) جي وڄت ۾ وقفو نہ هئڻ. لاڳيتي وڄت. موسيقيءَ جو هڪ سر ۾ متواتر وڄڻ جو عمل.

seguidilla (سيگائيڊيلا) **n** a Spanish verse form of seven lines; a Spanish dance; a tune for it, in triple time (Sp). اسپيني شعر. ستن سٽن جو بيت. اسپيني ناچ ۽ اُن لاءِ موسيقي.

seicento (سائينٽو) **n** (in Italian art, literature) the seventeenth century (Ital). اطالوي ادب ۽ مصوريءَ ۾ سترهينءَ صديءَ وارو عرصو.

seiche (سائيچ) **n** a periodic fluctuation from side to side of the surface of an enclosed or partly-enclosed body of water, such as a lake, harbour, caused by changes in barometric pressure (Fr). بيٺل قدرتي پاڻيءَ جي چشمن. ڍٻن. ڪڏن جو موسمن آهر يا وقت به وقت هڪ طرف کان ٻئي طرف لڙڻ. ماحول ۾ موسمي تبديلين ڪري پاڻيءَ جي ذخيرن جي هڪ طرف کان ٻئي طرف چرڻ.

seidlitz powder (سيڊلٽز پاؤڊر) **n** a mixture of sodium bicarbonate, sodium potassium tartrate and tartaric acid, used as a laxative when dissolved in water. هلڪو جلاب. قبض ڪشا مادو. پاڻيءَ سان ملائي ڏيڻ وارو جلاب.

seif (سيف) **n** a long sand dune lying parallel to the direction of the wind that forms it.هوا جي اثر ڪري ڪڙوٽيل واريءَ جو دڙو.

seignior or **seigneur** (سيگينور) **n** a feudal lord, a great man; a feuda lord or superior of a manor, esp in France or French Canada..صاحب، رئيس، امير، آقا، لارڊ، نواب، زميندار، جاگيردار، مالڪ.

seigniorage or **seignorage** (سيگيوريج) **n** lordship; a royalty; a right, privilege, claimed by an overlord, sovereign; an overlord's royalty on minerals; a percentage on minted bullion..حضور، جناب عالي، سرداري، زير حڪومت، زميني مادن يا معدني ذخيرن تان حاصل ٿيندڙ رقم جو زميندار حصو، سون جي سڪن ٺاهڻ تان حاصل ٿيندڙ حصو.

seignory or **seigniory** (سيگنري) **n** feudal lordship; authority as sovereign lord; the council of an Italian city-state; a domain..زميندار، جاگيرداري، مالڪي، ملڪيت، حاڪميت، حڪومت، علائقو، اطالوي شهري علائقي جي بلدياتي ڪائونسل.

seine (سين) **n, vt. & vi.** a large vertical fishing-net whose ends are brought together and hauled; to catch or fish with a seine.پِرَن، رَڇَ، وڏو ڄار، مڇي پڪڙڻ، ٻي وڏي ڄاري، سمنڊ تي مڇي پڪڙڻ جو رڇ.

seir or **seer** (سير) **n** a scombroid fish of the eastern coastal waters of India.هندستان جي اوڀر واري سامونڊي علائقي جي مڇي، سرمائي مڇي، گهور مڇي.

seise (سيس) **vt.** to put in possession of property.مال يا ملڪيت جو قبضو ملڻ، قبضو ڏيارڻ.

seised (سيزڊ) **pa p** reached, attained..پهتل، حاصل ڪيل، حاصل ٿيل، مليل.

seisin or **seizin** (سيسن) **n** fedual possession, now possession in free-hold; an object handed over as a token of possession; sasine.زميني قبضو، ملڪيتي زمين جو قبضو، قبولي زمين جو قبضو، ڪنهن جي قبضي ۾ ڏنل ڪا شي.

seism (سيزم) **n** an earthquake (Gr).زلزلو، ڀونچال، ڌرتيءَ جو ڌڙڻ.

seismic or **seismal** (سيزمڪ يا سيزمل) **adj.** pertaining to earthquakes. زلزلن جي باري ۾، زلزلن بابت، ڌرتيءَ جي ڌڏڻ بابت، ڀونچال متعلق، ڀون ڪمپ جو، ڌرتي ڌڏڻ ڪري.

seismic arrary (سيزمڪ آريري) **n** a system of seismographs, linked together and placed so as to increase sensitivity to the occurrence of earthquakes.زلزلن بابت معلومات حاصل ڪرڻ جو هڪ مسلسل سلسلو جنهن ۾ مختلف هنڌن تي رکيل مشين رستي لاڳيتي معلومات حاصل ڪئي وڃي.

seismic prospecting (سيزمڪ پراسپيڪٽنگ) **n** investigating the depth and character of subsurface rock formations by noting the travel times of reflected and refracted artificial shock waves.زمين دوز جبلن جي اونهائي، بيهڪ، قسم يا نموني جي جاچ ڪرڻ.

sentinel (سينٽينل) **n, adj, vt.** a sentry; a person posted on guard; a character indicating the occurrence of a specified condition, eg the end of a magnetic tape; acting as a sentinel; to watch over; to post as a sentinel; to supply with a sentinel or sentinels; to keep guard. چوڪيدار، سپاهي، پهريدار، پهري وارو، پهرو ڏيندڙ، قراول، سنٽڪ، سنتري، پاسبان، جاڳو، پهرو ڏيڻ، پهريدار مهيا ڪرڻ، چوڪيداري ڪرڻ، چوڪسي ڪرڻ.

sentinel crab (سينٽينل ڪرٻ) **n** a crab of the Indian Ocean with long eyestalks (Fr). هندي سمنڊ جو (وڏن ڏوڏن وارو) ڪيڪڙو، سنتري يا سپاهي ڪيڪڙو.

sentry (سنتري) **n** a sentinel; a member of the armed forces set to guard a gate or entrance; the watch or guard kept by such a soldier. سنتري، سپاهي، پهرو ڏيندڙ، پهريدار، چوڪيدار.

sentry box (سنتري باڪس) **n** a box-like shelter with an open front, in which a sentry can stand for protection from rain, sun etc. سنتري گهر، سنتري چوڪي.

sentry-go (سنتري گو) **n** a sentry's patrol or duty; a watchtower. گشت، پهرو، بالادري، چونڪي، حاضري.

Senussi or Senusi (سنوسي) **n.** a member of a Muslim sect or confraternity, chiefly NE Africa, founded by Sidi Mohammed ben Ali es-Senussi. سنوسي مسلمان فرقو يا قوم، اترئين آفريڪا ۾ موجود هڪ مسلمان فرقو.

senvy (سينوي) **n** mustard (the plant or seed). سرنهن، رائي، سرنهن (ٻوٽو يا ٻج).

senza (سينزا) **prep** (music) without. ڪانسواءِ (موسيقي).

sepal (سيپال) **n** any of the separate parts of a flower calyx. گل جو جدا جدا حصو، پنکڙي، گل پنڙي، گل پتي، ساٿو پن، سائي پنکڙي، گل جي سائي پتي، گل ڦل، گل پوش پنکڙي، گل پنکڙين جي هيٺيان چوڏاري ڦريل گل پوش جي هڪڙي سائي پنکڙي.

sepaline or sepaloid (سيپالائن يا سيپالائڊ) **adj.** of the form of sepals. پنکڙين وارو، پوش پنکڙيو، پوشدار، گل پوش، پنکڙي دار، گل پنکڙي نما، پوش وانگر، پوش پنکڙيءَ جهڙو، پنڙيءَ نما، مسند نما.

sepalody (سيپالوڊي) **n** transformation of other flower parts into sepals. پنکڙاٿپ، پشپ ڪوش

sepalous (سيپالس) **adj.** having sepals. ڪک پنکڙاٿپ جهڙو، گل پتڙي دار، گل مسندي، پوشدار، پوش پنکڙيو.

separable (سيپربل) **adj.** that may be separated;

capable of separation. جدا ٿيڻ جي لائق، تفريق پذير، جدا ٿيڻ جوڳو، الڳ ٿيڻ جوڳو.

separate (سيپريٽ) **vt. vi, adj. & n.** to divide; to part; to sunder; to sever; to disconnect; to disunite; to remove; to isolate; to keep apart; to seclude; to set apart for a purpose; to shut off from cohabitation, esp by judicial decree; to remove cream from, using a separator; to part; to cease to live together as a married couple; to withdraw; to secede; to come out of combination or contact; to become disunited; detached; distinct; individual; an offprint. ڌار، ڪرڻ، ڌار ٿيڻ نيارو ٿيڻ، لرالو، جُدا ڪرڻ، وڪرائڻ، ويڇوڙڻ، جدا ٿيڻ، ويڇڙڻ، جدا جدا ٿيڻ، جدا ٿي وڃڻ (شادي ڪانپوءِ) زال مڙس جو الڳ گهر وسائڻ، زال مڙس جو هڪ ٻئي کان جدا ٿي وڃڻ، الڳ ٿي وڃڻ (جي) جاءِ اتي اچڻ، معاهدي يا نيڪي مان جدا ٿيڻ، تعلق لوڙڻ، جدا، ڌار، علحده، الڳ، سڀني کان مختلف، اڪيلو، وکرو، پَن، وٿيرڪو، علحدو، خلاصو، آزاڌو، ڌارئون ڌار، جدا نقل.

separate development (سيپريٽ ڊويلپمينٽ) **n.** segregation of different racial groups, each supposed to progress in its own way.مختلف نسلي گروهن جي الڳ الڳ واڌ ويجهه جو عمل يا طريقو.

separate maintenance (سيپريٽ مينٽينس) **n.** a provision made by a husband for his separated wife.جدا ٿيل زال لاءِ مقرر ڪيل نان نفقو يا خرچ پکو.

separation (سيپريشن) **n** act of separating or disjoining; disunion; the state of being separate; disunion; chemical analysis; cessation of cohabitation by agreement or judicial decree, without a formal dissolution of the marriage tie; incomplete divorce. جدائي، ڦوڙائو، علحدگي، تفريق، فراق، ڦوٽ، تفرقو، ويڇوڙو، برهه، آزادي، وکرائي، اُچاٽ، ڇڙ وڇڙ، تفريق، سوڌائي، ڀتا، الڳ ٿيڻ، ڌار ٿيڻ، ڇانڊڻ، زال مڙس جو طلاق کان اڳ علحده ٿي وڃڻ.

separation allowance (سيپريٽ الائونس) **n** a government allowance to a serviceman's wife and dependents.جدا رهڻ وارن لاءِ الڳ نان نفقو يا خرچ پکو، حڪومت طرفان سرڪاري ملازم يا فوجي عملدار جي جدا رهندڙ ٻارن ٻچن جو وظيفو.

separatist (سيپريٽسٽ) **n** one who withdraws or advocates separation from an established church, federation, organization; a seceder; a dissenter; an Independent; a believer in separate authorship of parts.علحدگي پسند، فرقي پرست، حڪومت جي لاڳاپيل سرشتي مان جدا ٿيڻ جو خواهان، مخالف، آزاد، الڳ الڳ پرزن تيار ڪرڻ جو حامي.

separator (سيپريٽر) **n** someone or something which separates; a machine for separating cream from milk by whirling.الڳ ڪندڙ، علحده ڪندڙ، جدا ڪندڙ، لوڙيندڙ، (کير مان) ڪريم الڳ ڪندڙ مشين، ملائي ڪڍندڙ.

separatory (سيپريٽري) **n** an instrument for separating; having the function of separating.الڳ، تفريق ساز آلو، الڳ ڪندڙ اوزار.

separatrix (سيپريٽرڪس) **n** a separating line, solidus. جدا ڪندڙ ليڪ، سخت ليڪ، مضبوط ليڪ.

separatum (سيپريٽم) **n** a separate off print.جدا ڪڍيل يا تيار ڪيل نقل.

sephen (سيفن) **n** a stingray (Ar). پَتن جنس مڇي.

sepia (سيپيا) **n & adj.** a cuttlefish, esp of *Sepia* or a related genus; ink or pigment made from it, or an artificial imitation; its colour, a fine brown; brownish tone produced in certain, esp early, photographic processes; a sepia drawing or photograph; of the colour of sepia; done in sepia.ڏهه شاخي ۽ ٻن دلين واري مڇي، ان مڇيءَ جي ڪاري رنگ واري گگ، سياهي، ڪاري رس، ڪاري رنگ واري تصوير، ڪاري فلم، ڀوري رنگ واري تصوير يا ڇاپو.

sepiment (سيپيمينٽ) **n** a hedge, a fence..بند، جَرَ، ڪنڌي، واڙ، بند، لوڙهو، چهار بندي، پالو، پنيهر، خاربند.

sepiolite (سيپيو لائيٽ) **n** meerschaum.سمنڊ ڪجي، سلفي نامڻ واري مٽي، سلفي.

sepiost, sepiostaire or sepium (سيپيو سٽ) **n** cuttlebone. ڏهه شاخي مڇيءَ جو هڏو.

sepmag (سيپمئگ) **adj.** (of a film, television programme) having sound recorded on separate magnetic tape which is then synchronized with the film, as it is run.ڪنهن فلم يا ٽيليويزن پروگرام ۾ فلم کان الڳ رڪارڊ ڪيل آواز جيڪو فلم سان لاڳيتو هلايو ويندو آهي ته جيئن هڪ لڳي.

sepoy (سپاهه) **n.** a native Indian soldier in the British service. سپاهي، فوجي جوان، انگريزن جي فوج لاءِ هندستان مان ڀرتي ڪيل جوان.

seppuku (سيپوڪ) **n** hara-kiri (Jap)..(جپاني) خود ڪشي، عزت وڃائڻ کان موت کي پنهنجو ڪرڻ جو جپاني فلسفو، عزت جو موت، پاڻ مارڻ يا آپگهات جو جپاني اصول ۽ عمل.

seps (سيپس) **n** a skink of the genus Seps with a serpent like body, the serpent-lizard; a very venomous snake mentioned by classical writers (Gr). کپر نانگ، ريگماهي، سقنقور، نانگ والگر وڏي جسم واريون ڪرڙيون، مکيون جهٽيندڙ ڪرڙين جو قسم.

sepsis (سيپسس) **n** putrefaction; invasion by pathogenic bacteria. سڙاند، تعفن، عفونت، ڪنو ٿيڻ، رت ۾ زهر چڙهڻ، وچڙندڙ بيماري، بدبوءِ، پونءِ.

sept (سيپٽ) **n** a race or family; a division of a tribe; a

قبيلو، قبيلي يا قوم جگِ هڪ حصو، خاندان، فرقو، قوم، clan. ذات، ڪُڙم، قبيلو، برادري.

sept-, septi- or septem- (سيپٽ، سيپٽي سيپٽم) combining form : denoting the quantity or amount seven.ست عدد يا رقم، ستون، هفت، سپت.

septangle (سيپٽنگل) n a structure or picture having seven angles or sides.ستن ڪُنڊن ۽ ستن پاسن واري شڪل، ست ڪُنڊو، ست ڪُنڊي شڪل، ست پاسي شڪل.

septangular (سيپٽنگيولر) n a sevenside or seven angled structure. ست ڪُنڊو، ست پاسائون، ست پاسو.

septarium (سيپٽيريم) n a nodule of mineral substance with a network of cracks filled with another mineral.هڪ معدني مادو جنهن ۾ خالن اندر ٻئي قسم جو مادو يا ڌاتو موجود هجي.

septate (سيپٽيٽ) adj. partitioned; divided by septa.ورهايل، خانيدار، ڦاڪون ٿيل، ڀاڱا ٿيل، آر پار ورهايل، حصن ۾ ورهائڻ، ٻوٽي جي ڪنهن حصي جو خانن ۽ حصن ۾ ورهايل هجڻ.

septation (سيپٽيشن) n division by partitions or septa.ويريءَ سان، ورچ يا پرديءَ سان، ڀاڱو، علحدگي، ورهاست، خانيدار، ورچ، تقسيم، ڀاڱي داري.

September (سيپٽيمبر) n the ninth (orig in the calendar of ancient Rome, the seventh) month of the year. سيپٽمبر،جو مهينو، انگريزي نائون مهينو (جيڪو اصل رومي ڪيلينڊر ۾ ستون مهينو هو).

September people (سيپٽيمبر پيپل) n people of late middle age or older. پيرسن ماڻهو، اڌڙوٽ عمر ماڻهو.

septenary (سيپٽي نري) adj. numbering or based on seven; a seven, set of seven (esp years); lasting seven years; a septenarius (L). ستا، ست ست ڪري، ست سالو، ست عدد، ستن جو سپٽ، ست سال هلندڙ يا جٽا ڪندڙ، ست رڪني شعر.

septenarius (سيپٽي نيرسيو) n a seven-foot verse, esp a trochaic tetrameter catalectic.ست رڪني، ست رڪني يا ست سٽو بيت يا شعر.

septennate (سيپٽي نيٽ) n a period of seven years.ستن ورهين جو مدو، ستن سالن جو عرصو.

septennium (سيپٽي نيم) n a period of seven years. ستن ورهين جو عرصو يا مدو.

septentrional (سيپٽين ٽريونل) adj. northern..اترادي، اتريون، شمالي.

septet or septette (سيپٽيٽ) n a musical composition for seven performers; a set of seven musicians.ستن راڳيندڙن جي لاءِ تاهيل راڳ، ستن سازيندڙن جو جٿو.

sept-foil (سيپٽ فائل) n the tormentil plant; a figure divided by seven cusps.ستن حصن ۾ ورهايل شڪل، ست پنڙي.

ٻيهڪ، ستن ورقن وارو.

septic (سيپٽڪ) adj. putrefactive; affected by bacteria from a diseased wound, putrefying; caused by such bacteria..پونءِ پريل، چوٽ جو، چوٽي، ساڙو پيدا ڪندڙ، سڙاند يا خرابي پيدا ڪندڙ، سڙندڙ، ڳرندڙ، روڳي، روڳيل، گندو، ڪينٽارو، بدبوءِ دار، ڳريل سڙيل، جيوڙن هالو، رت خراب ڪندڙ.

septic tank (سيپٽڪ ٽئنڪ) n a tank, usu below ground, in which sewage is decomposed by anaerobic bacteria.زير زمين حوض جنهن ۾ گندو پاڻي پوي، هودي، غليظ حوض، گندو حوض، گندو کوهه.

septicaemia (سيپٽي سيميا) n the presence of pathogenic bacteria in the blood..روڳي رت، خراب رت، زهري رت، رت ۾ زهر چڙهيل، روڳيل خون، رت ۾ زهر پيدا ٿيڻ.

septicidal (سيپٽي سائڊل) adj. with splitting of septa, as when a fruit dehisces by separation of the carpels. گل جو ٽڙڻ، پنڪڙين جو ڪُنڊڙڻ.

septiferous (سيپٽي فيرس) adj. having partitions..ڀاڱا ٿيل، حصي دار، ڀاڱيدار.

septiform (سيپٽي فارم) adj. in the form of a partition. ورچيل، خاني دار، حصي دار، ڀاڱي دار.

septimal (سيپٽيمل) adj. pertaining to or based on the number seven. ستن جي انگ تي ٻڌل، ست ست ، ستن لاڳو، ستوڻون، ستن حصن وارو.

septime (سيپٽائم) n the seventh parrying position. ستون داءُ، ستين سٽ.

septimole (سيپٽي مول) n a group of seven notes to be played in the time of four or six (music).موسيقيءَ جي هڪڙي وجت جو طريقو.

Septrin ® (سيپٽرن) n an antibacterial drug..سيپٽرن دوا، زهري جيوڙا ماريندڙ دوا، طبي مادو.

septuagenarian (سيپٽ آجي نيريئن) n a person seventy years old, or between seventy and eighty; of that age. ستر ورهين جو، ستر سالو، ستهتريو.

septuagenary (سيپٽ آجي نري) adj. consisting of or relating to seventy; a person seventy years old.ستر سالو، ستر مطابق، ستر مداري.

Septuagesima (سيپٽ آجي سيما) n the third Sunday before Lent, appar in continuation of the sequence Quadragesima, Quinquageima.عيد فصح کان اڳ ٽيون آرتوار يا آچر.

septum (سيپٽم) n a partition or dividing structure in a cavity, tissue etc..نباتاتي تشريح، ويري، پردي، پردو، وڪي، پٽ، جهلي، سنڌو، وچ واري ديوار، نڪ جي پردي، حجاب.

septuple (سيپٽو پل) adj. sevenfold; to multiply sevenfold. ستوڻ، ستو ڻو، ست دفعا، ستن سان ضربڻ.

septuplet (سيپٽوپليٽ) n one of seven children or animals born at a single birth; a group of seven notes played in the time of four or six, a septimole (music). ستين نمبر تي ڄاول (ڄڻهن هڪ ئي وير ۾ ست ڄمن). ستن سازن جي موسيقي.

septutor (سيپٽيوٽر) n a septet (Fr). ستن موسيقارن تي مبني موسيقي، ستن سازن جي موسيقي يا وڄت.

sepulchral (سيپلڪرل) adj. of the nature of, a sepulchre; as if of or from a sepulchre; funereal, gloomy, dismal; grave; hollow-toned. قبر يا موت ياد ڏياريندڙ، گور جو، قبر مان اٿي آيل، (شڪل) پيالڪ، قبر جو، مزار جو، خانقاهي، (آواز) قبر مان ايندڙ، ڳرو، خوف آور.

sepulchre or sepulcher (سيپلڪر) n, vt. a tomb; a recess in a church, in the north chancel wall, or a structure placed in it, to receive the reserved sacrament and the crucifix. قبر، مقبرو، مزار، گور، تربت، قبو، سماڌي، قبر ۾ پورڻ، ديني ڪتاب ۽ صليب کي سنڀالي رکڻ.

sepulture (سيپلچر) n, vt. act of burial in a sepulture; a tomb or burial-place; to entomb. دفن ڪرڻ، پورڻ، مقبري ۾ دفن ڪرڻ، قبر ۾ پورڻ.

sequacious (سيڪيشس) adj. following; ready to follow a leader or authority; consecutive; compliant; pliant; observing logical sequence or consistency. پوئلڳ، پيرو، پيروڪار، معتقد، اڳواڻ جي پويان هلندڙ، پويان لڳڻ لاءِ تيار، نرم، ملائم، لچڪدار، پنهن جي راهه نه رکندڙ.

sequel (سيڪئل) n that which follows; followers; successors; consequences; upshot; a resumption of a story already complete in itself, in book, play, film, form; sequence; an allowance to mill servants in thirlage. خاتمو، اختتام، انجام، نتيجو، ايندڙ، پڇاڙي، پنيان ايندڙ، پنيون حصو، پويون ڀاڱو، ناٽڪ يا ڪهاڻيءَ جو آخري حصو، تتمہ.

sequela (سيڪئيلا) n any abnormal condition following or relating to a previous disease; the psychological, after-effect of any trauma. اثر نتيجو، مرض، اثرات، حادثي جو رهجي ويل اثر، ڌڪاءُ، صدمو.

sequence (سيڪئنس) n & vt. a coming after; state or fact of being sequent or consequent; succession; arrangement; series; order of succession; a series of things following in order; a succession of quantities each derivable from its predecessor according to a law; a set of three or more cards consecutive in value; that which follows; consequence; successive repetition in higher or lower parts of the scale or in a lower or higher keys (music); to place in sequence; to discover or determine the sequence or order of. سلسلو، ترتيب، تسلسل، جدا، انجام، نتيجو، پڇاڙي، ڪرم، اهڙي انگن جي ترتيب جو هر ايندڙ انگ ان کان اڳ آيل انگ سان ولدجي سگهي، ٽي لاڳيتا يا سلسليوار پتا، ايندڙ، دهرائڻ، (موسيقي) آهستي آهستي تيز ۽ وقيڪ ٿيندڙ، ترتيب ڏيڻ، سلسليوار بنائڻ.

sequencer (سيڪئينسر) n any device which arranges or determines the order of a number of events, operations, items or data, in a sequence; a device connected to a synthesizer that can memorize sequences of notes. ترتيب يا سلسلو رکڻ لاءِ اڪل، اهڙو اوزار، جيڪو شين کي ترتيب وار ڪري، موسيقيءَ کي ترتيب ۾ رکاڻ ڪندڙ مشين.

sequencing (سيڪئنسنگ) n the process of determining the order of amino acids in a protein or of nucleotides in DNA or RNA. جسماني جزن کي ترتيب ڏيڻ جو هڪ سائنسي طريقو.

sequent (سيڪئنٽ) adj. following; succeeding; consequent; successive; consecutive; a follower; that which follows. تابع، متعاقب، مسلسل، سلسليوار، سلسلو، لاڳيتائپ، پنيان ايندڙ، پوئلڳ، بعد وارو.

sequential (سيڪئنشل) adj. in, or having, a regular sequence; sequent; (of data) stored one after another. سلسلو، سلسليوار، مسلسل، ترتيب ۾ (مواد) هڪ ٻئي پنيان لاڳيتو جمع ڪرڻ.

sequential access (سيڪئنشل ائڪسيس) n a method of finding data in a file by reading through the file from the beginning. ڪمپيوٽر ۾ وڌل مواد کي ڏلل ترتيب مطابق ڳولڻ جو طريقو.

sequester (سيڪئيسٽر) vt & vi. to set apart or aside; to retire into seclusion; to confiscate; to remove property from someone's possession until a dispute can be settled, creditors satisfied; to appropriate; to hold the income of a vacant benefice for the benefit of the next incumbent; to sequester the estate or benefice of; to remove or render ineffective (a metal ion) by adding a reagent that forms a complex with it; to seclude oneself. الڳ ڪرڻ، جدا ڪرڻ، ضبط ڪرڻ، گوشہ نشين ٿيڻ، ايڪانت ۾ رهڻ، گوشہ نشيني، (جهڳڙي هيٺ ملڪيت) جهڳڙي ختم ٿيڻ تائين ٻئي جي حوالي ڪرڻ، ڪنهن شخص، عدالتي قبضي يا نظر داريءَ هيٺ رکڻ.

sequestrant (سيڪئسٽرنٽ) n a substance which removes an ion or renders it ineffective, by forming a complex with the ion. مادو جيڪو ڪنهن آئي کي بيڪار ڪري يا ختم ڪري يا ان سان ملي هڪ ٿي وڃي.

sequestrate (سيڪئيسٽريٽ) vt. to set apart; to sequester; to divide the property, assets of a bankrupt individual amongst creditors; to keep assets in trust; to render a person bankrupt. ڏيوالو لڪتل جو مال قرضين

بر ورهائڻ. ڪنهن کي ڏيوالو ڪرڻ. ڏيوالو ٿيل جي ملڪيت کي قبضي ۾ وٺي امانتيءَ حوالي ڪرڻ. ڪنهن جو ڏيوالو ڪيڻ.

sequestration (سيڪئيسٽريشن) **n** the act of sequestering; separation; the process of vesting a bankrupt's property, assets, with a trustee for distribution amongst creditors, bankruptcy; the action of a sequestrant; a portion of diseased or dead tissue detached from, or joined abnormally to, surrounding healthy tissue.جدائي، اڪيلائي، ضبطي، قرقي، ڏيوالو نڪتل جي مال جي ورڇ جو عمل. ڏيوالو ٿيل جي مال يا تڪراري مال کي قبضي ۾ وٺڻ. ڏيوالو ڪرڻ. جسم جي خراب ٿيل حصي کي ڪٽي الڳ ڪرڻ يا ڳڙڻ.

sequestrum (سيڪئيسٽرم) **n** a fragment of dead or diseased bone that has become detached from healthy bone, as in osteomyelitis.لڙڪيل هڏي، مردهه ڪل، مردهه هڏي يا ڪل.

sequin (سيڪئن) **n** a spangle used to decorate a garment; an old Italian gold coin.سينگارڻ وارو پلو يا سونو تمغو، پراڻو اطالوي سونو سڪو.

sequoia (سيڪوئيا) **n** either of two gigantic Californian conifers, the redwood, and the big tree or giant sequoia, that can grow to heights of 100 metres and may take 2000 years to reach their mature height.آمريڪي صنوبر، آمريڪي تاڙ بوٽو، آمريڪي وڏو ديار بوٽو. جهنگلي ديار جو وڏو وڻ. دنيا جا سڀ کان وڏا يا ڊگها وڻ.

serac (سرڪ) **n** one of the cuboidal or pillarlike masses into which a glacier breaks on a steep incline.برفاني چپ جو چورس يا مڪعب حصو. برفاني چپ جو اڀو يا ٿل صورت ترندڙ ٽڪر.

seraglio (سي راليو) **n** women's quarters in a Muslim house or palace; a harem; a collection of wives or concubines; an enclosure; a Turkish palace, esp that of the sultans at Constantinople.عثماني حڪمرانن جو محل سراءِ. حرم سراءِ. زنان خانو. ڏيڍي. حرم.

serai (سراءِ) **n** a khan or caravanserai (Turk & Pr). سراءِ. مسافر خانو. ننڍي هوٽل.

serail (سريل) **n** a seraglio (Fr).محل سراءِ. حرم سراءِ. زنان خانو. حرم.

seral community (سرل ڪميونٽي) **n.** an ecological community which is not stabilized but represents a stage in a succession. ڪنهن خطي ۾ ٿوري عرصي لاءِ موجود جيوت.

serang (سرنگ) **n** a boatswain on an Oriental, esp Indian ship. وڏو ملاح. خلاصي. ناڪئو. ناخدا.

serape or **sarape** (سريپي) **n** a brightly coloured woollen riding-blanket, often worn around the shoulders by Mexican men.ڀڙڪيلي رنگ وارو اوني ڪمبل جيڪو ميڪسيڪو جا ماڻهو (خاص ڪري گهوڙي سوار) پائين.

seraph (سرف) **n** a six-winged celestial being; an angel of the highest of the nine orders; a person of angelic character or mien..وڏي مرتبي وارو فرشتو يا ملائڪ. اسرافيل ملائڪ.

seraphic or **seraphical** (سرفڪ آر سرفيڪل) **adj.** of or like a seraph; serene, blissful.فرشتہ ملڪي، ملڪوتي، خصلت، پاڪ فرشتي جهڙو. نهايت سريشت. آتر. اسرافيل جهڙو.

seraphine (سرفائن) **n** a keyboard reed instrument precursor of the harmonium..هارمونيم جي اوائلي صورت. هارمونيم جهڙو هڪ ساز.

Serapis or **Sarapis** (سريس) **n** a god of the Greeks of Egypt, identified with Apis and Osiris.مصري يونانين جو هڪ خدا يا ديوتا.

Serapeum (سريپم) **n** a temple of Serapis.سريپس ديوتا جو مندر.

seraskier (سرسڪر) **n** a Turkish commander-in-chief or war minister. (ترڪ) سالار اعليٰ. وزير جنگ يا وزير دفاع.

seraskierate (سرسڪريٽ) **n** the office of seraskier. ترڪ سالار اعليٰ جو عهدو. وزير دفاع جو عهدو.

Serb or **Serbian** (سرب آر سربين) **n & adj.** a native or citizen of Serbia; a member of the people principally inhabiting Serbia; the south Slav language of Serbia; of Serbia, its people or their language.سربيا جو اصل رهواسي. سربيا جي ٻولي. سربيا جا باشندا.

Serbonian (سربونين) **n** a now dry lake in the NE corner of Egypt.مصر جي اتر اوڀر واري ڪنڊ ۾ هن وقت سڪل ڍنڍ. سڪل حالت ۾ موجود مصر ملڪ جي هڪ پراڻي ڍنڍ.

serdab (سرداب) **n** an underground chamber; a secret chamber in an ancient Egyptian tomb (Pers).قديم مصري مقبري جي زير زمين ڪوٺي. مصري مقبرن جو هڪ خفيه حصو.

Sercial (سرسيل) **n** a Riesling-like grape variety used to make the driest Madeira wine (Fr).انگور جو هڪڙو قسم.

sere[1] (سر) **n, vt.** a claw, to parch, to dry; to wither; to turn the surface of..چنبو. سُڪائڻ. خشڪ ڪرڻ. ڪومائڻ. مٿاڇرو متائڻ.

sere[2] (سيئر) **n** a series of ecological communities succeeding each other and representing stages in the biological development of an area.ماحولياتي جيوتن جا مختلف مرحلا جن ۾ هو ڪنهن خطي ۾ موجود هجن. اتان جي ترقيءَ ۾ به انهن جو اثر هجي.

serein (سيرين) **n** in the tropics, fine rain falling from

an apparently cloudless sky after sunset (Fr). ماڪ. اوس، شبنم، خاص طرح جيڪا گرم ملڪن ۾ سج لهڻ کان پوءِ ڪڪرن نه هوندي پوندي آهي، ڦوهارو، بوند، سنهي برسات.

serenade (سيرينيڊ) **n** a composition like a symphony, usu lighter in tone and in more movements; a song or tune suitable for or suggestive of the evening, esp one with a romantic theme sung or played under a lady's window by a suitor; the performing of such a song or tune in this way; to entertain with a serenade; to perform a serenade. اهو گيت جيڪو عاشق رات جي وقت پنهنجي معشوق جي ديوار هيٺان ڳائي، عشقيه راڳ، غزل، محبوب کي راضي ڪرڻ وارو شعر، عشقيه شاعري ڪرڻ، ڳائڻ، رومانِي شاعر.

serendipitist (سيرين ڊيپيٽسٽ) **n** a person who believes in serendipity; a person who has this faculty. اتفاقي انڪشاف ۾ اعتقاد وارو، اهوماڻهو جنهن وٽ ڪشف جي ذات هجي.

serendipitous (سيريندپيٽس) **adj.** discovered by luck or chance; pertaining to or having serendipity. اتفاقي يا قسمتي طور ڪنهن شيءِ بابت ڄاڻ، اتفاقي طور ڳوليل يا هٿ ڪيل، قسمت وارو، ڀاڳ وارو.

serendipity (سيرنڊيپيٽي) **n** the faculty of making fortunate or beneficial discoveries by accident. ڪشف. حادثاتي يا غير متوقع انڪشاف ڪرڻ جي قابليت، قسمتي ڪاشي هٿ اچڻ، اتفاقي ايجاد، رستي ويندي ماڻهن کي خوش ڪرڻ جي صلاحيت.

serenata (سيري ناٽا) **n** a symphonic serenade; a pastoral canatata. ماروئڙن جو راڳ، جهانگيئڙن جو لوڪ گيت.

serenate (سيري نيٽ) **n** a serenade (Fr). عشقيه گيت، عشقيه شاعري، رومانوي شاعر.

serene[1] (سيرين) **adj, n & vt.** clear; bright; calm; unclouded; unruffled; an adjunct to the titles of members of some European royal families; brightness; serenity; serene sky or sea; pure air; to tranquillize; to clear. مانو، ماٺ، نرمل، سانتيڪو، ماٺيڻو، پرسڪون، بغير حرڪت، بنا چرپر، ستين، مطمئن، (هوا، پاڻي) صاف، اُجل، ٺڪرو، بردبار.

serene[2] (سي چرين) **n** a supposedly unwholesome night dew; serein. بيمار ڪندڙ ماڪ جيڪا رات جو پوي، بنا جهڙ جي پوندڙ ماڪ.

all **serene** (آل سيرين) everything as it should be; all right. پرسڪون، هرشي پنهنجي جڳهه تي، نرمل، سانتڪائي، اُجل.

drop **serene** (ڊراپ سيرين) **n.** gutta serena or amaurosis, a kind of blindness (L). هڪ قسم جي نابينائيءَ واري بيماري.

Serevent ® (سرويٽ) **n** a tradename for the bronchodilator drug salmerol, beta-2 agonist used to control asthma. هڪ قسم جي دوا، دم جي علاج واري دوا، طبي مادو.

serf (سرف) **n** a person in modified slavery, esp one bound to work on the land; a bondman; a villein. اهو غلام يا ٻانهو جنهن کي زمين جي ڪم سان لڳائجي، گولو، زمين سوڌو خريد ڪيل غلام- هاري، ٻانڌي هاري، داس، ڪٽي جو هاري، مظلوم.

serge (سرج) **n** a strong twilled fabric, worsted fabric; of serge (Fr). اوني ڪپڙو يا سرج ڪپڙو، هلڪو گرم ڪپڙو.

sergeant or **serjeant** (سارجنٽ) **n** a servant; an officer who made arrests; a non-commissioned officer next above a corporal; a police-officer; certain officials; a barrister of highest rank. سارجنٽ، حوالدار، گرفتار ڪندڙ عملدار، پوليس يا فوج جو معمولي عملدار، وڏو وڪيل، وڏي ۾ وڏو وڪيل.

sergeant-at-arms (سارجنٽ ائٽ آرمس) **n** an officer of a legislative body or the Court of Chancery, for making arrests etc. حوالدار يا عملدار جيڪو گرفتار ڪرڻ لاءِ عدالت يا پارليامان اندر يا روبرو موجود هجي، وڪيل اعليٰ.

sergeant-fish (سارجنٽ فش) **n** a fish with stripes, esp the cobia of the SE US, related to the mackerel. پٽن واري مڇي، ڪرڳاڻ، ڪرگن، ڪرگنڊ، سيمر قسم جي پالتو مڇي.

sergeant-major (سارجنٽ ميجر) **n** formerly an officer of rank varying from major to major-general; now, the highest non-commissioned officer. فوجي عهدو، هيٺيون فوجي عملدار.

serial (سيريل) **adj.** forming a series; pertaining to series; in series; in a row; in instalments; (of publication) in instalments; using series as the basis of composition (music); (of supernumerary buds) one above another; a publication, esp a story, in instalments; a motion picture, television or radio play appearing in instalments. سلسليوار، مسلسل، قسط وار، نمبر وار، جريان وار، رسالو، مخزن، سلسليوار موسيقيءَ جي وڇت، قسطن ۾ ايندڙ ڊرامو، ناٽڪ، فلم يا ٽيليويزن جو پروگرام.

serialism (سيريلزم) **n** (music) serial technique, or use of it. موسيقيءَ کي سلسليوار يا ترتيب وار وڄائڻ جو طريقو.

serialist (سيريلسٽ) **n** a writer of serials, or of serial music. سلسلي نگار، مسلسل لکندڙ، قسط وار لکت يا موسيقي ترتيب ڏيندڙ.

serialization (-s-) (سيريلائيزيشن) **n** publication in instalments; the use of notes and/or other elements of music in regular patterns. قسط وار يا سلسلي وار ڇپائي.

قسطن ۾ ڇاپيل مواد يا موسيقي، ترتيب وار ڇاپو.

serialize (-s-) (سيريلائيز) **vt.** to arrange in series; to publish serially.سلسليوار ڇيڇڻ، سلسليوار ڏيکارڻ، ترتيب ڏيڻ، قسطن ۾ هلائڻ.

serial killer (سيريل ڪلر) **n** a person who murders several people over a period, often killing the victims in the same way or choosing victims of the same type, sex, age, etc.اهوقاتل جيڪو ساڳئي نموني سان يا ساڳئي قسم جا قتل ڪري.

serial number (سيريل نمبر) **n.** the individual identification number marked on each one of a series of identical products..سلسلي وار سڃاڻپ جا انگ، جريان نمبر، سلسليوار عدد، نمبر شمار.

serial port (سيريل پورٽ) **n.** (comput) a socket in a computer by means of which it can be connected to a peripheral device such as a printer.ڪمپيوٽر جو هڪ اهڙو جوڙ جيڪو ڪنهن ٻئي ڪمپيوٽر، ڇاپي مشين وغيره سان جوڙي سگهجي.

serial technique (سيريل ٽيڪنڪ) **n.** a technique of music based on series.سلسليوار وڄت جو طريقو، موسيقيءَ جي هڪ وڄت.

serial time (سيريل ٽائيم) **n.** time regarded as an infinite regression of successive times, each needed for the description of its predecessor..سلسليوار وقت، وقت جو نه ختم ٿيندڙ سلسلو.

seriate (سيريئيٽ) **adj & vi.** in rows; to arrange in a series, or in order..قطارن ۾، قطاري، قطار بندي، قطار در قطار، سلسليوار.

seriatim (سيريائم) **n** in succession or in regular order, one after another, one by one.هڪ ٻئي جي پٺيان، سلسليوار، هڪ هڪ ٿي، قسطوار.

seric (سيرڪ) **adj.** silken; Chinese..ريشمي، چيني، ٻوسڪي، پٽ جو.

sericeous (سيريشس) **adj.** silky; pertaining to silk; covered with soft silky appressed hairs; with a silky sheen. ريشمي، ريشم جي باري ۾، ريشم سان ڍڪيل، ريشمي چمڪ سان، بخملي، ريشم دار، پٽ جهڙو لڳندڙ.

sericin (سيريسن) **n** the gelatinous protein substance found in raw silk.ڪچي ريشم ۾ موجود جيليءَ يا ڪنولر جهڙو مادو.

sericite (سيريسائيٽ) **n** a silky soapy potash mica. پوٽاشم جو ريشم وانگر چمڪندڙ مادو، ابرقي مادو.

sericitization (سيريسائيٽائيزيشن) **n** conversion (esp of orthoclase) into sericite.هڪ معدن يا معدني مادي کي ٻئي ۾ بدلائڻ چمڪ ڏيڻ، ابرقي بنائڻ.

sericon (سيريڪان) **n** conjectured to be, a red (or black) tincture in alchemy.(يا ڪارو) ڪيميا ۾ هڪ ڳاڙهو مادو.

sericterium (سيرڪٽيرير) **n** a silk or spinning gland, as in the silk worm.ريشم ناهڻ واري ڪيڙي جو ريشم تيار ڪندڙ يا ڪيندڙ غدود.

sericulture (سيريڪل چر) **n** the breeding and treatment of silkworms for production of raw silk.ريشم لاءِ ڪيڙا پالڻ، پٽ ڪينئان پالڻ، ڦن پٽ ڪيڙا پروري، ريشمي تند زراعت، پٽ ڪينئان پالنا.

seriema (سيري ايما) **n** either of two S American birds of the family, related to the cranes and the rails, somewhat like a small crested crane in form.هڪ قسم جا ڏکڻ آمريڪي پکي، ڪونج جي جنس جا آمريڪي پکي، مرغ سيريما، ڏکڻ آمريڪا جي انڊيز جبلن جي گاهه وارن ميداني علائقن جي سيريما ڪونج پکي.

series (سيريز) **n.** a set of things in line or in succession, or thought of in this way; a set of things having something in common, eg of books in similar form issued by the same publishing house; a set of things differing progressively; the sum where each term of a sequence is added to the previous one; a taxonomic group (of various rank); a geological formation; succession; sequence; course; linear or end-to-end arrangement; a set of notes in a particular order, taken, instead of a traditional scale, as the basis of a composition.يڪسانيت يا لاڳيتين شين جو سلسلو، سلسليوار ڪتاب، رسالو، مخزن، دور، صف، قطار، سنبير، ٻهير، لواڙو، ترتيب، درجو، صف بندي، زنجير، لڙهه، زنجيري تار، اهڙين شين جو گروه جن ۾ ڪا ٻه شي مشترڪ هجي، هڪجهڙين شين جو ٽولو يا سيٽ، ساڳين انگن کي سلسليوار جوڙ ڪرڻ، سلسليوار موسيقيءَ جي ترتيب.

series winding (سيريز وائينڊنگ) **n** (in an electric motor) a winding of the armative coil and field-magnet coil so that they are in series with the external circuit. (بجليءَ واري موٽر ڪي) سلسليوار طريقي سان تيار ڪرڻ.

serif (سيرف) **n** a short decorative foot at the end of a stroke on a printed character; any of the styles of type or print which feature such feet.ڇپائيءَ ۾ ڪم ايندڙ اکرن ۾ سونهن لاءِ خاص ۾ گلن وارا نشان لڳائڻ، سينگار وارا ڇاپي جا اکر.

serigraph (سيريگراف) **n** a print made by silk-screen process. ريشم جي جاريءَ رستي ڇپائيءَ جو طريقو.

serigraphy (سيريگرافي) **n** the art or process of printing designs by means of silk screen.ريشمي جاريءَ رستي

چاپيڪاري يا ڇاپي جو عمل.

serin (سيرن) **n** any of various small finches of the genus serinus, including the canary. گلابي جهرڪي. جهرڪين جهڙا ننڍا پکي، صنوبر جي جهنگلن جي جهرڪي. گلابي ڦوسڙي پکي.

serine (سيرائن) **n** an amino acid ($HOCH_2CH(NH_2)$ COOHO, found in protein and synthesized in the body. ڪيميائي مادو، سڀ مان ملندڙ تيزابي مادو.

serinette (سيرينيٽ) **n** a small barrel-organ for training songbirds. بانسري يا توتاريءَ جهڙو ساز جنهن مان مختلف پکين جا آواز ڪڍي سکڻ.

seringa (سيرنگا) **n** a Brazilian tree yielding rubber; mock-orange. برازيل جو ربڙ ڏيندڙ وڻ، نقلي نارنگيءَ جو وڻ.

serio-comic (سيريو ڪامڪ) **adj.** having a mixture of seriousness and comicality. مزاح سان ڀريل پر سنجيده موضوع بابت ڊرامو، ناٽڪ يا لکت.

serious (سيريس) **adj.** grave; momentous; attended with danger; staid; earnest; disinclined to lightness of mood; in earnest; not to be taken lightly; showing firmness of intention or commitment; approaching the critical or dangerous; concerned with weighty matters; professedly religious; significant, notable, or in significant quantities. سنگين، سنجيده، ڌميداريءَ سان ڪم ڪرڻ وارو، گنڀير، ڳورو، ديرينو، سنجيدو، ڀاري، بنا چرچي، سچ پچ، ساڀيان ۾، انديش ناڪ، شديد، اهم، سخت (گهاءُ)، ضروري، ڳري (بيماري)، دلي (ڪوشش)، نازڪ، خطرناڪ، مڪمل طور، مذهبي، قابل لحاظ مقدار ۾.

seriously (سي ريس لي) **adv.** gravely; earnestly; in a serious manner; extremely. سنجيدگيءَ سان، ساڀيان ۾، گنڀيرائيءَ سان، گنڀيرتا سان.

serkali (سرڪالي) **n** (in Africa) the Government; white rulers (Swahili). (آفريڪا ۾) سرڪار، گوري سرڪار، گورن جي حڪومت.

sermon (سرمن) **n** & **vt.** a religious discourse delivered, or intended to be delivered, from the pulpit, on a Biblical text; a written version of this; a harangue, reproof or moralizing lecture; to preach; to discourse. وعظ، نصيحت، درس، سبق، خطبو، اپديس، ديني نصيحت، هدايت، تبليغ، تبليغ ڪرڻ، هدايت ڪرڻ، نصيحت ڪرڻ.

sermoneer or **sermoner** (سرمونيئر يا سرمونر) **n** a preacher; a sermonizer. مبلغ، خطيب، تبليغي.

sermonize (-ise) (سرمونائيز) **vi.** to compose sermons; to preach; to preach to. خطبو پڙهڻ، تبليغ ڪرڻ، وعظ ڪرڻ، نصيحت ڪرڻ، هدايت ڪرڻ.

sero- (سيرو) combining from : denoting – serum. تکن جو ٻج، ڦيڻ، رت جي بي رنگ پاڻيٺ، رت جا اڇا جزا.

seroconvert (سيروڪنورٽ) **vi.** to produce specific antibodies in response to the presence of an antigen, such as a virus or vaccine. جي ٽڪا هڻ، ٽکن رستي مرض جي روڪ جو انتظام.

serological typing (سيرالاجيڪل ٽائيپنگ) **n** a technique based on antibody-antigen reactions, for the identification of pathogenic organisms when morphological differentiation is difficult or impossible, serotyping. رت جي پاڻيٺ جي سلسليوار ترتيب جو طريقو، رت جي اجن جزن کي پيڻ جو طريقو.

serology (سيرالاجي) **n** the study of serums, their constituents and properties. رطوبت جو علم، نخامي علم، رطوبتي پاڻيٺ جو علم، رت جي پاڻيءَ ۽ ان جي عمل جو سائنسي مطالعو يا اڀياس.

seron or **seroon** (سيرون يا سيرون) **n** a crate or hamper; a bale wrapped in hide (sp). چمڙي ۾ ٻڌل ڳنڍڙي، ڇهل، روڪ.

seronegative (سيرونگيٽو) **adj.** (of an individual whose blood has been tested for a specific disease) showing no serological reaction. ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪنهن خاص بيماريءَ جي چڪاس ڪرڻ جو نتيجو جيڪو ناڪاري هجي.

seropositive (سيروپازيٽو) **adj.** showing a serological reaction indicating the presence of a virus or disease, such as AIDS. ڪنهن ماڻهوءَ ۾ ڪنهن مرض يا جيوڙي جي موجودگيءَ جو هاڪاري جواب.

seropurulent (سيروپيورولنٽ) **adj.** containing a mixture of serum and pus, as in infected blisters. (رت ۾) پاڻي ۽ پونءِ مليل، پونءِ دار ڦوڙهين جو مادو.

serosa (سيروسا) **n** an epithelial layer formed in the development of an insect's egg; a serous membrane, such as the peritoneum. (رت جي) پاڻيءَ پردو.

serotaxonomy ((سيروٽاڪسونامي) **n** serological analysis as a source of information for taxonomic classification. رطوبتي چڪاس هيٺ حاصل ڪيل ڄاڻ.

serotherapy (سيروٿراپي) **n** treatment or prevention of disease by injecting blood serum containing known antibodies. (رت جي) پاڻيءَ ذريعي علاج.

serotine (سيروٽائن) **n** & **adj.** a large insectivorous bat, of Europe, N Africa and SE Asia; late in occurrence, development, flowering, etc. يورپ، اتر افريڪي، ڏکڻ اوڀر ايشيا جو هوا سان جيت جهٽيندڙ ڳاڙهي رنگ وارو وڏو چمڙو، دير سان ٿيندڙ، دير سان يا ڇانو ڦٽندڙ ٻوٽو يا وڻ، پاڇاٽو ڦلهار ڪندڙ، دير سان گل ڇهليندڙ.

serotonin (سيروٽونن) **n** a compound that occurs throughout body tissue, esp in the brain, intestinal

tissue and blood platelets, acting as a neurotransmitter and powerful vasoconstricter.رت جي پاٿيٽ ۾ موجود مرڪب مادو جيڪو السالي جسم ۾ گردش ڪندو رهي ٿو ۽ تنتي سرشتي کي با عمل رکي ٿو.

serotype (سيروٽائيپ) **n & vt.** a group or category of bacteria or other micro organisms that have a certain set of antigens in common or against which common antibodies are produced; the combination of antigens by which such a group is categorized; to classify according to the composition of antigens.جيوڙن يا جراثيمن جو جٿو جن کي پنهنجا خاص جزا آهن. جيڪي انهن خلاف بچاءَ جو نظام تيار ڪرڻ ۾ مدد گار ٿين ٿا. انهن جزن کي جدا ڪرڻ ۽ ترتيب ڏيڻ جو طريقو.

serous (سيرس) **adj.** of, relating to, like or consisting of serum; like why; watery; secreting serum. رطوبتي. پتڙو. پترو. آبي. آب آميز. رت جو پاڻي. رطوبت بابت. رطوبت صورت. پاٿيٽ وارو. رطوبت آور. رطوبت پيدا ڪندڙ.

serous membrane (سيرس ميمبرين) **n** a serosa, a thin membrane, moist with serum, lining a cavity and enveloping the viscera within, such as the peritoneum or pericardium. رطو بتي پردو.

serow (سيرو) **n** either of two SE Asian goat-antelopes, the mainland serow and the smaller Japanese or Taiwanese serow.ڏکڻ اوڀر ايشيا جو هڪ هرڻ. سرو هرڻ. سرو ٻڪر. هرڻ صورت ٻڪل جانور. جابلو ٻڪر. سرو نما هرڻ.

serpent (سرپينٽ) **n & adj.** any reptile or creeping thing, esp if venomous; satan as the tempter; a snake; a trecherous or malicious person; an obsolete wooden leather-covered bass wind instrument shaped like a writing snake; a firework that writhes like a serpent when ignited; a northern constellation; serpentlike. ڪا ٻه پيٽ ڀر هلڻ واري زهريلي جاندار شيءِ. جيئن نانگ. بلا. سپ. مار. شيش نانگ. نانگ وڪڙ. آتش بازي. الدر جوڪارو. دغاباز. شيطان. بدمعاش. نقصانڪار. ماجيڪار. وڄون (آتش بازي). اتر ۾ تارن جو هڪ ميڙ. نانگ صورت.

serpent eater (سرپينٽ ايٽر) **n** the secretary bird; the markhor or wild goat. مار خور ٻکي. نانگ خور ٻکي. منشي ٻکي. مارخور ٻڪر (هن لاءِ چيو ويندو آهي ته نانگ ۽ بلائون به کائيندو آهي).

serpent god or goddess (سرپينٽ گاڊ آر گاڊيس) **n** a deity in the form of a snake; a deified snake.نانگ ديوتا. نانگ صورت ديوتا.

serpentine verse (سرپينٽائين ورس) **n** a line that begins and ends with the same word (from the figure of a snake with its tail in its mouth, common as a symbol of eternity).اها سٽ جنهنجو پهريون ۽ پويون اکر ساڳيو هجي. لافانيت جو اهڃاڻ.

serpent-lizard (سرپينٽ لزرڊ) **n** the lizard seps..نانگ گوهه. نانگ نما گوهه. هڻ ڪڻ. نانگ جهڙي چجي يا ڪرڙي. ڏکهي جسم واريون ڪرڙيون. ريگ ماهي ڪرڙيون. مک جهڻيندڙ ڪرڙيون.

serpent-star (سرپينٽ اسٽار) **n** a brittle-star..چمڪندڙ تارو. ٽمڪندڙ تارو.

serpent-stone (سرپينٽ اسٽون) **n** an ammonite; a snake-stone..سخت ڪل ۽ نرم پيٽ وارو جيت جيڪو زير زمين رهندو آهي.

serpentiform (سرپينٽي فارم) **adj.** snake-shaped.نانگ مهون. نانگ صورت. نانگ شڪل. سپ نما. مار نما. نانگ جهڙو.

serpentine (سرپينٽائين) **adj, n, vt & vi.** snakelike; winding; tortuous; a winding track; an old kind of cannon; a soft, green mineral, a hydrated magnesium silicate, occurring in winding veins and in masses, formed by alteration of olivine; a rock, commonly an altered peridotite, composed mainly of the mineral serpentine; to wind; to insinuate.نانگ جهڙو. نانگ صورت. جنهن ۾ نانگ وانگر وَرَ هجن. ساٿي رنگ جو پٿر جنهن تي نانگ جهڙا چٽ هجن. ساٿي رنگ جو عمارتي پٿر. ليم جواهر. ور وڪڙ. پيچدار. مار سينگ. مارپيچ. سپ جهڙو. ور وارو. وراٽو. الگڙ ونگڙ. ورائڻ. ويڙهڻ. بيمزتي ڪرڻ.

serpentinite (سرپينٽي نائيٽ) **n** a rock composed mainly of serpentine.ٺڪر يا چپ جنهن ۾ ساٿي رنگ جو گهڻو حصو هجي. ساٿي رنگ وارو عمارتي پٿر يا ليم جواهر.

serpentinize (-ise) (سرپينٽي نائيز) **vt.** to convert into serpentine. ساٿي رنگ ۾ تبديل ڪرڻ.

serpentinuous (سرپينٽي نيوئس) **adj.** of serpentine; winding. ورن وڪڙن سان.

serpentize (-ise) (سرپين ٽائيز) **vi & vt.** to wind; to cause to wind. ويڙهڻ. وڪوڙڻ. جابي ڏئي ويڙهڻ.

serpentry (سر پينٽري) **n** serpents collectively.نانگ ور. چال. ليڏي چال. ترڇي چال.

serpiginous (سرپي جينس) **adj.** (of certain skin lesions) having an indented or wavy margin.کل جو وڪڙ دار يا لهردار هئڻ. کل جو الدر ٻاهر هئڻ.

serpigo (سرپيگو) **n** ring-worm; any spreading or creeping skin disease. چمڙيءَ جي وڌندڙ بيماري. کل جي وڇڙندڙ بيماري. گول چلي دار ڪيڙي واري بيماري.

serpula (سرپولا) **n** a marine polychaete worm of the family, that constructs and lives within a twisted calcareous tube.هڪ قسم جو سامونڊي ڪيڙو. ڪيڙي مار نما. وڪڙ دار کوپي وارو جيت. ڪوڏ وارو جيت.

serpulite (سرپولائيٽ) n a fossil resembling a worm-tube. پٿر پهڻ ٿيل ناليدار ڪيڙي واري بيهڪ.

serr or **serre** (سير) vt. to press close; to close the ranks of. ويجهو ٿيڻ، ويجهو پوڻ، گهٽڻ، سوڙهو ڪرڻ، ويجهو اچي وڃڻ.

serra (سيرا) n a sawlike organ; anything sawlike; a mountain-range. ڪارائي نما اوزار، آري، ڪارائي، ڏنديدار اوزار.

serradilla or **serradella** (سيرا ڊيلا) n a species of clover grown as fodder. ڦرن ڦل جهڙو پوٽو جيڪو گاهه لاءِ پوکجي، پن دار گاهه، پتي وارو گاهه.

serran (سيران) n a fish of the genus Serranus, or its family. هڪ قسم جي مڇي، سيرن مڇي.

Serranus (سيرانس) n the typical genus of a family of percoid fishes, incl the sea perches, sea basses and groupers. ڊمبو سامونڊي مڇي، گينگڙو، گسر، نمو، چانچو وغيره قسمن جون سامونڊي مڇيون.

serranid or **serranoid** (سيرا نڊ يا سيرا نائڊ) n a member of the serranidae. بحري جيوت، سامونڊي مڇيون.

serrasalmo (سيراسالمو) n a fish of the piranha genus. گوشت خور مڇيءَ جي جنس واري خولخوار مڇي.

serrate (سيريٽ) vt. to notch. ڏنديدار ڪرڻ، ڏندائون ڪرڻ، آريءَ نما بنائڻ، ڏندن وارو بنائڻ.

serrated or **serrate** (سريٽيڊ يا سريٽ) adj. notched like a saw; toothed with sharp forward-pointing teeth. ڪارائيءَ وانگر ڏندا نڪتل، ڏندائون، ڏندن وارو.

serration (سريشن) n saw-edge condition; formation in the shape of a saw, a sawlike tooth. ڪارائيءَ جو ڏندو، ڏندائين بيهڪ، ڏند بندي، ڏنديداري، ڏنديدار آرو.

serratirostral (سريٽيروسٽرل) adj. saw-billed. ڪارائيءَ جهڙي چهنب وارو.

serratulate (سريٽوليٽ) adj. minutely serrate. ننڍا ۽ گهڻا ڏندا ناهڻ ڪيڻ، ڏنديدار، آريءَ نما، ڪارائيءَ نما ڏندائون، سنهن ڏندن وارو.

serrature (سريچر) n. a notching in the edge of anything, like a saw; serration. ڪارائيءَ جو ڏندو، ڏندا، ڏنديداري، ڏندي بندي.

serratus (سيريٽس) n one of several muscles of the thorax. سيني جي مشڪن مان هڪ، آريدار عضوو، ڏندي نما بيهڪ.

serricorn (سيري ڪارن) adj. having serrate antennae. ڏندن واريون يا ڪارائيءَ جهڙيون مڇيون، آري سنگ (جيت).

serried (سيرڊ) adj. crowded; in close order; close-set; packed or grouped together without gaps. پيوستہ، گڏو گڏ، سوڙهو، سٽيل، گتل، گهاٽو، ڳتيل.

serrefile or **serafile** (سيري فائيل آر سيرا فائيل) n a file of officers or men detailed to ride in rear of the rear rank of a squadron when in line; a soldier so detailed. قطار ۾ هلندڙ فوجين جي بلڪل آخر ۾ هلندڙ يا سوار فوجي، قطار ۾ سڀ کان آخر ۾ مقرر ڪيل سپاهي.

serrulate or **serulated** (سيروليٽ سيرو ليٽيڊ) adj. finely serrated. نفيس ڏندا ٺهيل، ڏنديدار، آري نما، سنهن ڏندن وارو.

Sertoli cells (سرٽو لاءِ سيلس) n pl. specialized nutritive cells which initiate the formation of seminiferous tubules in the testes and which nourish the developing sperm. خاص طور قوت مهيا ڪرڻ وارا خامرا جيڪي خصين ۾ چرم جيوڙن کي قوت ۽ خوراڪ مهيا ڪن ٿا.

sertularian (سرٽيو ليرين) n any hydroid coelenterate of the common genus, having a double row of sessile hydrothecae. جيوڙن جو قسم.

serum (سيرم) n a watery liquid, esp that which separates from coagulating blood; blood serum containing antibodies, taken from an animal that has been inoculated with bacteria, or other toxins, used to immunize people or animals; the watery part of a plant fluid or milk. رت جو پاڻياٺو ڀاڱو، ٽڪن لاءِ تيار ڪيل پاڻيٺ، ٽڪن جو ٻج، ڦيڻ، رت جي بي رنگ پاڻيٺ، رت جا اڇا جزا (هيءَ رت مان ڪڍيا وڃن ٿا ۽ زلال مادي مان ٺهن ٿا)، کير يا ٻوٽي جو پاڻيٺ وارو حصو.

serum albumin (سيرم البيومن) n an albumin (or combination of albumins) that makes up more than half the protein in blood plasma and maintains the osmotic pressure of the blood. رت جي پاڻيٺ ۾ موجود هڪ نهايت ئي اهم اجاڻ وارو جزو، اڇي گد.

serum globulin (سيرم گلوبيولن) n a globulin (or combination of globulins) containing most of the antibodies in blood plasma. رت جي پاڻيٺ ۾ موجود مدافعتي قوت وارن جزن جو هڪ خاص حصو.

serum hepatitis (سيرم هيپاٽائيٽز) n a virus infection of the liver, usu transmitted by transfusion of infected blood or use of contaminated instruments, esp needles, consequently often occurring in drug addicts. جيري جي بيماريءَ جو هڪ خاص زهري ڪيڙو جيڪو ڪنهن غير صحت مند طريقي سان انساني جسم ۾ داخل ٿي ويندو آهي ۽ سائيءَ جي بيماري پيدا ڪندو آهي.

serum sickness (سيرم سڪنيس) n a hypersensitivity reaction that sometimes occurs after injection of foreign serum, with fever, rashes, and enlargement of the lymph nodes. ٽڪن جي بيماري يا بخار، ٽڪن هڻڻ

ڪري بدن تي ٿيندڙ برو اثر (جيڪو عارضي هوندو آهي).

serum therapy (سيرم ٿراپي) **n** sero-therapy.(رت جي) پاڻيٺ وارو علاج.

serval (سرول) **n** a slender long-legged African cat, leopard, with a spotted coat (Port).آفريڪي ٻلي يا چيتو. جنهن جون ڊگهيون ٽنگون ۽ ٽڪن واري کل آهي. آفريڪا جي چيتي صورت ٻلي، جهنگلي ٻلي.

servant (سرونٽ) **n & vt.** one who is hired to perform service, esp personal or domestic service of a menial kind, or farm labour, for another or others; an attendant; a drudge; a person who is in the service of the state, the public, a company, or other body; one who serves in any capacity; a ministrant; a formal letter-writing, applied in seeming humility to oneself; a designation formerly used for a slave; to subject.نوڪر، ملازم، چاڪر، خدمتگار، خادم، تابعدار، نفر، ٽهليو، ٻيلي، تابع، ٻندو، داس، سرڪاري ملازم، مزدور، هٿ جو ٻورهيو ڪندڙ هاري، ٻورهيت، ڪمي، ڪاسبي.

serve (سرو) **vt.** to be a servant to; to be in the service of; to worship; to work for and obey; to minister to; to render service to; to perform service for or under; to perform the duties or do the work connected with; (of a male animal) to copulate with the female; to attend as assistant; to be of use to or for; to avail; to suffice for; to satisfy; to further; to minister to; to attend to the requirements of; to supply; to provide with materials; to provide with quarry; to help to food; to present food in a specified manner; to send or bring to table; to deal; to put into action, bring to bear; to put into play by striking; to treat, behave towards; to be opportune to; to conform one's conduct to; to undergo, work out, go through; to bind with cord, in order to strengthen; to deliver or present formally, or give effect to law; to operate or maintain in operation (a gun); to declare heir; to be a servant; to be in service or servitude; to render service; to be a member, or take part in activities, of an armed force; to perform functions; to wait at table; to attend to customers; to be opportune or favourable; to suffice; service of a ball in tennis; a piece of light-hearted verbal abuse or mockery.نوڪر وانگر (ڪنهن جو) ڪم ڪرڻ، خدمت ڪرڻ، نوڪري ڪرڻ، ٻورهيو ڪرڻ، شيوا ڪرڻ، (مقصد جو) پوراڻو ڪرڻ، ٽهل ڪرڻ، (جو) ڪم ڏيڻ (مطلب) پورو ٿيڻ، سڌ ٿيڻ، ڪافي هئڻ، (جي) بدران ڪم اچڻ، عهدو ڪمائڻ، (جيل) ڪاٽڻ، سزا ڀوڳڻ، (توپ) هلائڻ، (سمن) تعميل ڪرڻ، (کي) منهن ڏيڻ، (سيڏو) رسائڻ، پهچائڻ، ورتڻ، هلت ڪرڻ، (گهوڙي) ميڙائڻ، ڀير ڀرڻ، ڪارائڻ، پيارڻ، پرچڻ، وڌڻ، پالڻ، پاڻي ڏيڻ، ضروري سهولتون مهيا ڪرڻ، ڪم اچڻ، عبادت ڪرڻ، پوڄا ڪرڻ، غلامي ڪرڻ، ڏنل ذميواري پوري ڪرڻ، نائب طور ڪم ڪرڻ ، ڪنهن جي ڪم اچڻ، مناسب هئڻ، ضرورت پوري ڪرڻ، راضي ڪرڻ، برداشت ڪرائڻ، رانڊ شروع ڪرڻ لاءِ ٻهريون ڏڪ هڻڻ، رسيءَ سان ٻڌڻ، ڀاڻ حوالي ڪرڻ، تعميل ڪرڻ، (بندوق يا هٿيار) تيار ڪري رکڻ، وارث ڪري مقرر ڪرڻ، نوڪري ڪرڻ، ڪاروائين ۾ حصو وٺڻ، عمل ڪرڻ، بهتر هئڻ، مناسب هجڻ، مقصد پورو ڪرڻ، ضرورت پوري ڪرڻ.

server (سرور) **n** one who serves, esp at meals or tennis; a person who acts as assistant to a priest during Mass; a slaver; a fork, spoon, or other instrument for distributing or helping at table; (in computer networks) a specialized machine that stores communal files, processes electronic mail, provides printing facilities.ڪم ڪرڻ وارو، مدد ڪرڻ وارو، خدمتگار، ٽهليو، ٻيرو، نوڪر، خدمتگار، وڏو چمچو، ڀاڄي ورهائڻ وارو چمچو، ڪمپيوٽر ۾ فائيل رکڻ جو هڪ حصو، ڪم ڪرڻ وارو حصو وغيره، ڪمپيوٽر جي نظام ۾ ٻاهرين ڪمپيوٽرن سان تعلق رکڻ وارو مکيه سرشتو.

servery (سروري) **n** a room or room adjoining a dining-room, from which meals and drinks are served and in which utensils are kept.ٿانون رکڻ لاءِ ڪمرو، يا جنهن ڪمري مان ماني ۽ شراب ڪڍي رکجي، کائڻ واري ڪمري سان لاڳو ننڍي ڪوٺي جتان ٿانوَ وغيره ۽ کاڌو پيتو آڻجي.

serving mallet (سرونگ مئليٽ) **n** a mallet with a grooved head used in serving ropes.ڪاٺ جو مترڪو جنهن جي مٿي تي لوڙيون وٺڻ لاءِ ڪاڻجو ٻيل هجي.

serving-man (سرونگ مئن) **n** a manservant..خدمتگار مرد، نوڪر، ٽهليو، قاصد، ٻيرو.

service[1] (سروس) **n, adj. & vt.** the act, condition or occupation of a servant or of any person who serves; work; the act or mode of serving; employ; employment in the armed forces, or in any public organization or department; the personnel so employed; the force, organization or body employing it; that which is required of its members; that which is required of a feudal tenants; performance of a duty or function; actual participation in war-

fare; a warlike operation; a performance of religious worship; duty or homage ceremonially offered; use; hard usage; availability; disposal; supply eg of water, public transport; expediting; waiting at table that which is served, a course; the order of dishes; a complete set, of dishes for a particular meal; of the army, navy and airforce; the use of servants..خدمت، نوڪري، عيسائين جي عبادت، ملازمت، ڪاريگري، ڪم سرانجام، پورهيو، ڪم، ٽهل، اپاشنا، ڪاتو، مهرباني، تعميل، شيوا، تڪميل يا پورائو (ڪرڻ)، ڦرڻ (عمل)، تجربو، ذميواري، عملداري، محنت، پورهيو، ڪسب، حصو، جنگي عمل، عبادت، عبادت جو عمل، عبادت واري گڏجاڻي، استعمال، موجودگي، حوالگي، مهيا ڪرڻ، سهولتيون مهيا ڪرڻ، ڪاڌي پيتي جو مڪمل سيٽ يا سامان، فوجي رسدوسائل، نوڪرن جو استعمال، ڪمائي، نفري، ملازمي، ٻيلپائو، ٻيلپو، ٻيلپ، مشغولي، جنگي عملو، پوڄا، پاٺ، سلام، آداب، تعميل، خاطري.

service[2] (سروس) n a Eurasian tree similar to the rowan, with apple- or pear-shaped fruits used since Roman times to make an alcoholic drink; a related European tree, somewhat like a maple, with clusters of rounded fruits.هڪ قسم جو ناسپاتي يا صوف جي جي وڻ جو نالو جيڪو شراب ٺاهڻ جي ڪم ايندو آهي.

serviceable (سروس بل) **adj.** able or willing to serve; advantageous; useful; beneficial; capable of rendering long service, durable..خدمت ڪرڻ لائق، ڪار آمد، ڪم جو، ڪمائتو، ڪارگر.

service agreement (سروس اڳري مينٽ) n a type of employment contract, between employer and a senior employee.نوڪريءَ يا ملازمت بابت قبوليت نامو، ملازمت جو دستاويز يا لکت.

service area (سروس ايريا) n a place by a motorway or major road where facilities such as filling stations, garages, restaurants and toilets are available; the range covered by a radio or television transmitter.اها جاءِ جتي مسافرن لاءِ مختلف سهولتيون جهڙوڪ پيٽرول پمپ، مرمت، هوٽل، ڪاڪوس وغيره هجن.

serviceberry (سروس بيري) n any of several N American trees or shrubs of the genus amelanchier, having clusters of white flowers and edible red or purple berries; the sweet fruit of several species.

اتر امريڪا جو هڪ قسم جو وڻ، ٻيرن جو وڻ، ٻير.

service book (سروس بڪ) n a book of forms of religious service; a prayer book; a book containing details and position in which an employee has worked during the period of his service.ملازم جي ملازمت بابت ڪتاب، ملازمت بابت مڪيه شين جي اندراج جو رجسٽر.

service car (سروس ڪار) n a bus used on a long-distance journeys. ڊگهي سفر تي ڪم ايندڙ لاري.

service ceiling (سروس سيلنگ) n the altitude above sea level in standard atmospheric conditions, at which the rate of ascent of an aircraft falls to a specified rate.سمنڊ جي سطح کان مٿي خلا جو حصو جتي هوائي جهاز اڏامڻ مهل هڪ جيتريءَ اچائيءَ تي اهو مسلسل اڏامندو رهي.

service charge (سروس چارج) n a charge made for service in a restaurant or hotel, usu a percentage of the bills. ڪنهن هوٽل وغيره، تي خدمت جو عيوض.

service contract (سروس ڪانٽرئڪٽ) n a service agreement. ملازمت جو قبوليت نامو، ملازمت جي لکت يا دستاويز.

service court (سروس ڪورٽ) n in tennis, the area outside of which a served ball must not fall.ٽينس راند لاءِ ميدان جون مقرر ڪيل حدون.

service flat (سروس فلٽ) n a flat in which domestic service is provided, its cost being included in the rent.اُهڙي جاءِ يا فليٽ جتي مسواڙ ڀرڻوڪر جي سهوليت ۾ مهيا ٿيل هجي.

service hatch (سروس هئچ) n one connecting dining-room to kitchen, through which dishes may be passed. رڌڻيءَ ۽ ڪاڌي واري ڪمري کي ڳنڍيندڙ واٽ.

service industry (سروس انڊسٽري) an industry which provides a service rather than a product, eg catering, entertainment, transport.خدمت گذاري مهيا ڪرڻ وارو ڌنڌو يا ڪاروبار.

service line (سروس لائين) n the boundary of the service court, in tennis 21 feet from the net.ٽينس گرائونڊ جي اها حد جيڪا جار کان ايڪيهن فوٽن تي هوندي آهي.

service man or woman (سروس مئن يا وومن) n a member of a fighting service..دفاعي عملي جو رڪن مرد يا عورت، فوجي ملازم.

service mark (سروس مارڪ) n a mark, emblem, device, used to identify a certain service, such as catering, insurance and reserved for the exclusive use of providers of that service.ملازمت جو ٻلو جيڪو نشان طور ڪم اچي.

service pipe or wire (سروس پائيپ) n a branch from a gas, electric, main to a building.ڪنهن به عمارت کي بجلي، گئس، پاڻيءَ پهچائڻ لاءِ تار يا نڙو.

service reservoir (سروس رزروائر) n a reservoir for supplying water to a particular area.ڪنهن علائقي کي پاڻي پهچائڻ لاءِ ذخيرو.

service road (سروز روڊ) n a minor road parallel to a main road, providing access to local facilities, eg shops, without obstructing the main road.وڏي رستي سان گڏو گڏ هلندڙ معمولي رستو جيڪو مخصوص لنگهه جو ڪم ڏئي.

service room (سروس روم) n a room in a club or hotel where visitors' requirements are attended to.ملاقتين جي ضرورتن جي سار ولڻ لاءِ ڪمرو.

service station (سروس اسٽيشن) n an establishment providing general services, esp the supply of fuel for motorists.ڪو مخصوص هنڌ جتي موٽرن لاءِ صفائي ۽ تيل وغيره مهيا ڪيل هجي.

servient (سروينٽ) adj. subordinate; subject to a servitude or easement. زيردست، غلاميءَ ۾.

serviette (سروي ايٽ) n a table napkin (Fr).رومال، ننڍڙو توال، ميز جو صافو.

servile (سروائيل) adj & n. pertaining to slaves or servants; slavish; mean; dependent; fawning or submissive; cringing; controlled, subject; slavishly or unintelligently imitative; expressing mere grammatical relations; a servile person..غلام سان منسوب، غلامائو، غلامن جي ذهنيت وارو، ڪميڻو، خوشامندڙيو، چاپلوس، تابع، گولائو، آڌين، ڳلي ڳور، غلام مزاج.

servilism (سرويلزم) n systematic or habitual servility; a servile spirit; a system based on slavery or advocacy of it.غلاميءَ تي ٻڌل سرشتو، غلام روح، غلاميءَ جي قائدي وارو يا اُن جو وڪيل.

servility (سرويلٽي) n servitude; slavishness of manner or spirit; slave-like deference.غلامن وارو طريقو، غلام پائي، اڌليتا، هٿ جوڙ، گيسيون گهڻ، ڳانڊ غلامي، تابعداري، ڪميڻائپ، خوشامد، چاپلوسي.

servitor (سروٽر) n a person who serves; a servant; a person who serves in war; an assistant, apprentice, lawyer's clerk; assistant school master or the like; a follower or adherent; a class room janitor..نوڪر، ملازم، غلام، ٽهليو، خدمت گار، پوئلڳ، منشي، اسڪول جو ماستر،مريد، پنگي، صفائيءَ وارو نوڪر.

servitude (سرويٽيوڊ) n a state of being a slave or servant; slavery; subjection; compulsory labour; subjection to irksome conditions; a burden on property obliging the owner to allow another person or thing an easement..غلامي، پالهپائي، تابعداري، ڪولپڻ، اطاعت، خدمت چاڪري، خراب حالتن ۾ بہ ڪم ڪرڻ جي ذميواري، ملڪيت تي مجبوريءَ هيٺ ٻئي کي حق شفع مهيا ڪرڻ، انڪار جي گنجائش نہ هئڻ.

servo- (سروو) combining form: denoting - a system in which the main mechanism is set in operation by subsidiary mechanism and is able to develop a force greater than the force communicated to it. معاون قوت، متحرڪ حرڪت، مدثر، اهڙي حالت جنهن ۾ ڪنهن گهٽ قوت واري مشين رستي وڌيڪ قوت مهياڪرڻ واري مشين يا نظام کي چالو ڪيو يا عمل ڪار بنايو وڃي، وڌيڪ قوت لاءِ شروعاتي گهٽ قوت جو استعمال.

servocontrol (سروو ڪنٽرول) n (in aircraft) a reinforcing mechanism for the pilot's effort, usu a small auxiliaryaerofoil. (هوائي جهاز جو) پائلٽ يا جهاز اڏائڻ واري جو مددگاري نظام.

servomechanism (سروو مڪينزم) n a closed-cycle control system in which a small input power controls a larger output power in a strictly proportionate manner. بجليءَ تي هلندڙ نظام جو مددگاري انتظام.

servomotor (سوو موٽر) n a motor using a servomechanism.معاون نظام جو استعمال ڪندڙ مشين يا موٽر، ڏٺدن وارو چڪري (نظام).

servus servorum Dei (سوس سروورم ڊيئي) n a servant of the servants of God (L). پادرين جو نوڪر، خادمن جو خادم، غلامن جو غلام، پانهن جو پانهو.

sesame (سيسمي) n a plant, probably native to SE Asia, cultivated for its seeds which yield a light edible oil. تر، ترن جو ٻوٽو، تيلي ٻج ٻوٽو.

sesamoid (سيساموائڊ) adj. shaped like a sesame seed; a small rounded bone formed in the substance of a tendon, eg in the flex or game-grass. گوليدار، گول گول، گرهه دار، تر نما، ڏنديدار، داڻيدار هڏي شڪل ٻيهڪ.

seseli (سيسلي) n a plant of the genus Seseli of the Umbelliferae family (Gr). چٽيءَ نما هڪ سدا سبز ٻوٽو، چٽيءَ دار ٻوٽو.

sesequi- (سيسڪوي) combining form : denoting - the ratio of one and a half to one, or one and an *n*th to one. ڏيڍو، ڏيڍولو، ڏيڍوڻائپ، هڪ ۽ ڏيڍ جو تناسب، هڪ بدران ڏيڍ.

sesquialter (سيسڪئيلٽر) adj. as three to two. ڏيڍو يا جنهن ۾ ٻن جي جاءِ تي ٽن سان بدل سدل ڪرڻي پوي.

sesquicarbonate (سيسڪوي ڪاربونيٽ) n a salt composed of a carbonate and a hydrogen carbone. هڪ قسم جو لوڻ وارو مادو.

sesquicentenary or **sesquicentennial** (سيسڪئي سينٽينري يا سينٽينيل) **n** a hundred and fiftieth anniversary. ڏيڍ صديءَ وارو عرصو.

sesquioxide (سيسڪئي آڪسائڊ) **n** an oxide with three atoms of oxygen to two of the other constituent. هڪ قسم جو آڪسائيڊ وارو مادو.

sesquipedalian or **sesquipedal** (سيسڪئيپيڊلين يا پيڊل) **adj.** tending to use long or cumbersome words; (of words) long, pedantic or polysyllabic. ڊگها ۽ ڏکيا لفظ استعمال ڪندڙ. (لفظ) وڏا ۽ اچارڻ ۾ ڏکيا).

sesquiplicate (سيسڪئي پليڪيٽ) **adj.** of, or as, the square roots of the cubes. مڪعب جو پيون مول ، چورس جي پٽي مول وانگر.

sesquisulphide (سيسڪئي سَلفائيڊ) **n** a compound with three atoms of sulphur to two of the other element or radical. ڏيڍوڻو گندرفي مادو جنهن ۾ گندرف جا ٣ ۽ ڪنهن ٻئي عنصر جا ٢ جز هجن.

sesquiterpene (سيسڪئي ٽرپين) **n** any of a group of terpene derivatives of the empirical formula $C_{15}H_{24}$. ٽارپين مان ملندڙ هڪ ڪاميائي مادو.

sessile (سيسائيل) **adj.** stalkless; sedentary; fixed or stationary.. اهو پن جنهن ۾ ڏانڊي نہ هجي، ڏانڊيءَ بنا، ڳنيءَ بنا. اهو پن جيڪو ڏاريءَ يا ٽڙيءَ مان ڦٽي، ساريل، اڻ وڌيل، ننڍي قد وارو، گهٽ واڌڙ، غير متحرڪ عضوو.

sessile oak (سيسائيل اوڪ) native British oak, distinguished from the English oak by its stalkless acorns. برطانيہ جو شاهہ بلوط جو وڻ جنهن جي پن ۾ ڏانڊي نہ هوندي آهي.

session (سَيشَن) **n.** an act of sitting; a seated position; a sitting, series of sittings, of a court or public body; the enthronement of Christ at God's right hand; the time between the meeting and prorogation of Parliament; a school year; a division of the academic year; the kirk session; the Court of sessions; quarter-sessions; a period of time spent engaged in any one activity.. ويهڪ، وهڪ، اجلاس، ويٺل. عدالتي اجلاس، سيشن نشست، تعليمي سال، حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي لاءِ ساڄي پاسي واري وهڻ جي جاءِ، سيشن ڪورٽ، فوجداري عدالت، ڪنهن هڪ ڪم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيل وقت.

session-clerk (سيشن ڪلارڪ) **n** the official who records the transactions of a kirk session. اهو ڪلارڪ جيڪو ڪنهن ديول جي ليڻ ڏيڻ جو حساب رکي.

session-house (سيشن هائوس) **n** a building where sessions are held; the room where a kirk session meets. اها جڳهہ جتي اجلاس ٿئي، مذهبي اداري جي اجلاس جي جاءِ.

session singer or **musician** (سيشن سنگر) **n** a person who provides vocal or instrumental backing at recording sessions. موسيقيءَ جي ريڪارڊ ڪرڻ ۾ شامل موسيقار يا ڳائڻو.

sesterce (سَيس ٽرس) **n** a Roman coin, worth 2 asses, later 4 asses. هڪ رومي سڪو.

sestertium (سيس ٽريشيَم) **n** a Roman money of account equal to 1000 sesterces. رومي پئسا رومي سڪن برابر 1000جي.

sestet, sestett or **sestette** (سَيش ٽيٽ) **n** a group of six; the last six lines of a sonnet; a composition for six performers.. ڇهن جو جٿو. انگريزي سانيٽ جا پويان ٦ مصرع. ڇهن موسيقارن يا سازن لاءِ موسيقي.

sestina (سَيس ٽينا) **n** an old verse form of six six-lined stanzas having the same end-words in different orders, and a triplet introducing all of them.. شش بند، مسدس.

seston (سيس ٽن) **n** a very small plankton organism (Gr). هڪ تمام ننڍڙو پاڻيءَ جو جيت، پؤترو.

set (سيٽ) **vt. adj. & n.** to put, place, or fix in position or required condition; to dispose, array, arrange; to restore a broken bone to its normal alignment; to apply; to cause to be; to plant; to stake; to embed; to frame; to amount; to beset or bestow about; to stud, dot, sprinkle, variegate; to put in type; to compose (type); to form or represent, in jewels; to adjust to show the correct or a specified time; to spread, lay, cover a table with the food dishes for a meal; to cover the table with the food, dishes for a meal; to regulate; to appoint; to ordain; to assign; to prescribe; to propound; to put on a course; start off; to incite, direct; to put in opposition; to posit; to cause to become solid, coagulated, rigid, fixed or motionless; to begin to form (a fruit or seed); to rate, value; to position sails to catch the wind; to arrange hair in a particular style when wet, so that it will remain in it when dry; to seat; to put a hen on eggs; to put eggs under a hen; to become, benefit; conversely, to appear to advantage in; to go down towards or below the horizon, to decline; to offer a stake; to become rigid, fixed, hard, solid, or permanent; to coagulate; (of a broken bone) to knit; to settle down; to have,

take or start along a course or direction; prescribed; deliberate, intentional; prearranged; formal; settled; fixed; rigid; determined; regular; established; ready; a complete series, collection or complement; a company performing a dance; a series of dance movements or figures; a complete apparatus, esp for receiving radio or television signals; an act, process, mode or time of setting; a setting; an inclination; a direction; the scenery, properties set up for a scene; the place where filming takes place; any collection of objects, called 'elements', defined by the specifying the elements; the basic haploid complement of chromosomes; habitual or temporary form, posture, carriage, position or tendency; a set hairstyle; the hang of a garment; a young-plant slip, bulb or tuber, for planting; the number of a weaver's reed, determining the number of threads to the inch; the texture resulting; a square or a pattern of tartan; a paving-block of stone or wood; a tool for setting in various senses; a badger's burrow; a lease or letting; a mining lease or area worked; a place with fixed fishing-nets.سيٽ. دفعو. ٽولي. لاڙو. طرف. قلم. ٻري، پڪو ٺهرايل. ڦرڻ. اپارڻ پوکڻ قائم رکڻ. لڳائڻ. بيهارڻ. ڄمائڻ. وهارڻ. ٺيڪ ڪرڻ. هڻڻ. کوڙڻ. جوڙڻ. جڙڻ. ڪَندن ڪرڻ. (پهرو) بيهارڻ. آرو ڪرائڻ. (ڪوڙڪو) منڊڻ. (پاڪي) لائڻ. ٽکو ڪرڻ. ٺيڪ ڪرڻ. (گهڙيال) ٺاهڻ. مثال ڏيڻ. سبق ڏيڻ. ملهه رکڻ. ملهه ڪرڻ. ملهه مقرر ڪرڻ. ملهه ٺهرائڻ. قدر ڪرڻ. ليکڻ. کير ڄمائڻ. (چور) ٻڌڻ. (رسر) وجهڻ. سر يا ٻڳل هڏو وهارڻ. (سڙهه) کولڻ. (سُر) ملائڻ. جاري ڪرڻ. چالو ڪرڻ. پاسي رکڻ. رد ڪرڻ. ريٽڻ. نه ليکڻ. (جي) پرواهه نه رکڻ. (پيسو) بچائي رکڻ. ويڙهائڻ. هڪ ٻئي سامهون ڪڙو ڪرڻ. سوسڙي جاڳائڻ. لکي ڇڏڻ. (جي) ٺالي سمجهڻ. ظاهر ڪرڻ. کولي ٻڌائڻ. سينگارڻ. روانو ٿيڻ. ٻيڻ. ناهه نوهه ڪرڻ. بر خلاف ڪرڻ. ڏيکارڻ. ظاهر ڪرڻ. هاڪارڻ. شروع ڪرڻ. (ڪمر ٻ) ڪپائڻ. (جهندو) کڙو ڪرڻ. (دالهون) شروع ڪرڻ. لهڻ. الهڻ. مُرڪڻ. پاڙ هڻڻ. لڳڻ. کپڻ. ڄمڻ. بيضو ٻجهڻ. (اکيون) ڪوڙيون ٿيڻ. (وير جو) وهڻ. هلڻ. زور ولڻ. ٻڌڻ. (ڪپڙو) ٺهي اچڻ. (ڪم کي) لڳي وڃڻ. چمبڙڻ. جنبڻ. لڪرڻ. روانو ٿيڻ. راهي ٿيڻ. لاڙو. رخ. پڪو. ٺهرايل. اڳيئي تيار ڪيل (تقرير). رد ڪرڻ. پر واهه نه ڪرڻ. آرام ڪرڻ. خاطر جمع ڪرڻ. (ڪنهن کي ڦاساائڻ لاءِ) جار پکڙڻ. نه ليکڻ. جالور جي چر. چوڪڙي. پرواهه نه ڪرڻ. ويڙهائڻ. آزاد ڪرڻ. جار وجهڻ واري مقرر جاءِ.

seta (سَيٽا) **n** a bristle; a bristle-like structure; the stalk of a moss capsule.ڪنڊن جهڙا وار. تيز وار. اپو وار. ڪنڊائين بيهڪ. ڦنڪيءَ يا ڪانيءَ جي ڏانڊي يا ٽڙي. ننڍڙا کهرا وار. ڪنڊڙو. خار. ٻَج.

set apart (سيٽ اپارٽِ) to put aside, or out of consideration; to separate, distinguish..پاسيرو رکڻ. جدا ڪرڻ. سيڃاڻڻ. الڳ رکڻ. جدا ڪري سمجهڻ.

set-aside (سيٽ آسائيڊ) the practice or policy of taking agricultural land out of production; to put away or to one side; to reject, annul; to reserve, lay by; to take agricultural land out of production, to leave fallowرد ڪرڻ. پرواهه نه ڪرڻ. پاسي رکڻ. ريٽڻ. زمين ٻر غير آباد رکڻ.

set back (سيٽ بئڪِ) a check, reverse, or relapse; a disappointment or misfortune; a receding section in the upper part of a tall building.ٻنجو اچڻ. موٽي لڳڻ. نا اميدي. بد نصيبي. عمارت جو مٿيون اندر تي بيهاريل حصو.

set-down (سيٽ ڊائون) a rebuff or snub; a rating; to lay on the ground; to put in writing, record; to appoint a time for; to judge, esteem, regard; to snub; to pitch, encamp; to attribute, ascribe; to lay down authoritatively; to stop and allow passengers to alight from a taxi, bus, car etc..رکي ڇڏڻ. جي ٺالي ڪرڻ. قائم ڪرڻ. چنڊ پٽڻ. گهٽ وڌ ڳالهائڻ. زمين تي رکڻ. هيٺ رکڻ. لکت ۾ رکڻ. وقت مقرر ڪرڻ. فيصل ڪرڻ. عزت ڏيڻ. مان ڏيڻ. بهتر ڪري سمجهڻ. قانون يا قاعدي طور لاڳو ڪرڻ. بيهاري مسافر لاهڻ. سواريءَ مان لاهڻ.

se-tenant (سينٽ) **adj.** denoting two or more stamps joined together in an unsevered row or block, (at least) one of which differs (eg in design or value) from the other(s) (Fr).ٽڪلين جي هڪ تختيءَ ۾ اِهڙي بيهڪ. جنهن ۾ اُهي هڪ ٻئي کان مختلف يا ٻن نمونن جون هجن.

set-forth (سيٽ فورٿ) to exhibit, display; to state, expound, declare; to praise, recommend; to publish; to start on a journey.ظاهر ڪرڻ کولي ٻڌائڻ. روانو ٿيڻ. پڌرو ڪرڻ. تفسير ڪرڻ. اعلان ڪرڻ. تعريف ڪرڻ.

set free (سيٽ فري) to release, liberate (جاندار) .کولي ڇڏڻ. آزاد ڪرڻ. رهائي ڏيڻ .

set going (سيٽ گوِانگ) to put in motion..روان ڪرڻ. هلائڻ. چالو ڪرڻ.

set line (سيٽ لائين) **n** any of various kinds of fishing-line suspended between buoys, and having shorter baited lines attached to it.مڇي مارڻ جون رسيون يا ڏوريون.

set-off (سيٽ آف) a claim set against another; a cross-claim which partly offsets the original claim; a

counterbalance; an ornament; a contrast, foil; a setting forth; an offset. سينگارڻ، سامهون آڻڻ، آڏو ٻيهارڻ. جوابي دعوىٰ آڻڻ، زيور، مقابلو، ڀيٽ ڪرڻ، پيٽڻ، ٽڪراڻڻ، ناڪام بنائڻ، باطل ڪرڻ، رد ڪرڻ، برابر ڪرڻ.

set-off (سيٽ آف) **vt, vi.** to start of; to send off; to show in relief or to advantage; to counterbalance; to make an offset, mark an opposite page; to mark off, lay off. روانو ٿيڻ، روانو ڪرڻ، نمايان ڏيکارڻ، برابر ڪرڻ، حساب صاف ڪرڻ، سامهون واري يا ٻئي صفحي تي نشان ڪرڻ، پاسي ڪرڻ، پاسي تي رکڻ.

set-on (سيٽ آن) **vt, vi.** to attack or incite to attack; to instigate; bent or determined upon. حملو آور ٿيڻ يا حملو آور ٿيڻ لاءِ آماده ڪرڻ، ڀڃڻ، هَشي ڏيڻ، ڪنهن ڳالهه لاءِ ذهني طور تيار هئڻ.

seton (سيٽَن) **n** a thread or similar filament passed through the skin as a counter-irritant and means of promoting drainage; a flow obtained in this way. زخم ڪشا، ڌاڳو جنهن سان زخم کليل رهي (۽ ان مان گندي رطوبت ٻاهر وهندي رهي).

set-out (سيٽ آئوٽ) an outfit; preparations; a display of dishes, dress; company or clique. ناهر نوهر ڪرڻ. ڏيکارڻ، ظاهر ڪرڻ، تيار ڪرڻ، نماءُ ڪرڻ، سامهون رکڻ.

set out (سيٽ آئوٽ) to start, go forth; to display; to begin with an intention; to expound; to mark off; to adorn; to equip and send forth. روانو ٿيڻ، هليو وڃڻ. ڏيکارڻ، (نيت هيٺ) شروع ڪرڻ، کولي سمجهائڻ، تشريح ڪرڻ، تفسير ڪرڻ، نشان هڻڻ، تيار ڪري روانو ڪرڻ.

set piece (سيٽ پيس) **n** a piece of theatrical scenery with a supporting framework, distinguished from a side-scene or drop-scene; an elaborately arranged display in fireworks; a painstakingly prepared performance; in football a carefully planned and executed piece of team work at a corner or free kick. ٿيٽر جي سينٽريءَ جو هڪ نمونو، آتش بازيءَ جي نمائش، تمام گهڻي ڪوشش سان تيار ڪيل ڪيل يا تماشو. (فوٽ بال ۾) تمام سٺي نمولي ۽ مهارت سان ڪيل راند.

set point (سيٽ پوائنٽ) **n** a point which wins a set (tennis). (ٽينس راند) جو ڪٽڻ وارو ڏڪ.

set sail (سيٽ سيل) to spread the sails; to set forth on a voyage. باديان لڳائڻ، هاڪارڻ، جهاز تي روانو ٿيڻ، سڙهه کولڻ.

set screw (سيٽ اِسڪرُو) **n** a screw used to prevent relative motion by exerting pressure with its point. پيچ جيڪو چرپر روڪڻ لاءِ استعمال ڪجي.

set square (سيٽ اِسڪئاير) a right-angled triangular drawing instrument. گوليا جنهن سان نقشا ناهجن، گوني، ڪنڊ، ٽڪنڊو اوزار، چورس ٺيڪائي اوزار.

settee[1] (سيٽي) **n** a long seat with a back. وڏي آرام ڪرسي، جنهن تي ٻه يا وڌيڪ ماڻهو وهن، ٻٽي گڏيل ڪرسي.

settee[2] (سيٽي) **n** a single-decked Mediterranean vessel with a long prow and lateen sails. هڪ تلهي وارو سامونڊي جهاز، ٽنڊي جهاز جو قسم.

setter (سيٽَر) **vt & n.** to treat with a seton or setterwort root; a flow so produced in cattle. ڌاڳي رستي زخم کي صاف ڪرڻ، زخم صفائي طريقو، ڌاڳي رستي زخم مان گند جو وهڪرو، جاري رکڻ.

setterwort (سيٽر وَرٽ) **n** stinking hellebore. اڄ ٻير ٻوٽي.

settle (سيٽل) **n, vt & vi.** a long high-backed bench; a ledge; to place in a stable, secure, restful or comfortable situation; to adjust; to lower; to compact, cause to subside; to regulate; to fix, arrange; to establish, set up, or install (eg in residence, business, marriage a parish); to colonize; to make clear; to determine; to decide; to put beyond doubt or dispute; to restore to good order; to quiet; to compose; to secure by gift or legal act; to create successive interests in, use or income going to one person while the corpus of the property remains another's; to make final payment of; to come to rest; to subside; to sink to the bottom; to dispose oneself; to take up permanent abode; to become stable; to grow calm or clear; to come to a decision or agreement; to adjust differences; to settle accounts. ٻينڪ، ويهارڻ، فيصلو ڪرڻ، ڊگهي بينچ، وڏيءَ ٽيڪ سان ويهڻ جي جاءِ، ٻينڪ ڪرائڻ، ڪپائڻ، جمائڻ، اسٿاپن ڪرڻ، قائم ڪرڻ، آباد ڪرڻ، (ڪنهن کي) ڌنڌي ۾ لڳائڻ، آرام ڏيڻ، (من کي) سانت ڪرائڻ، مقرر ڪرڻ، (ذهن) نهرائڻ، آترائڻ، نتارڻ، نيترڻ، اُچرائڻ، لڙاڪو لاهڻ، قصو خلاص ڪرڻ، ختم ڪرڻ، ادا ڪرڻ، تهه جمائڻ، ويهڻ، جمڻ، آباد ٿيڻ، (ماديءَ جو) ڍڪو ٿيڻ، نهڪائڻ، گهٽ ڪرڻ، هيٺ ڪرڻ، گهٽ ڪرڻ جا اپاءُ وٺڻ، باقاعدي هلائڻ، سجلائڻ، سنوارڻ، سڌارڻ، صاف ڪرڻ، ارادو ڪرڻ، طئي ڪرڻ، شڪ شبهو دور ڪرڻ، صحيح حالت ۾ آڻڻ، قرار ڏيڻ، تجويز ڪرڻ، نبيرو ڪرڻ، درست ڪرڻ، خاموش ڪرڻ، سانت ڪرائڻ، نبيرڻ، صلح ڪرڻ، حساب طئي ڪرڻ، بي باقي ڪرڻ، لاهڻ، اُڪلائڻ، بي باقي ڪرڻ، (جهيڙو) دفع ڪرڻ، (ٻاهر) وسائڻ، ملڪ آباد ڪرڻ، (زال کي) ملڪيت لکي پرڻي ڏيڻ، نهرڻ، جمڻ، گهرڪري ويهڻ، ٻنڪ ڪرڻ، کپي وڃڻ، جمي وڃڻ، ملڪيت جو ٻئي جي قبضي ۾ هوندي به اُپراسو حاصل ڪرڻ، ملڪيت هبہ ڪرڻ، (تري ۾) ويهڻ، ٻڏي وڃڻ، ترونڻ، اساڪڙي ٿيڻ، ديرو جمائڻ، ويهي وڃڻ، ڊرو ٿيڻ.

settle-bed (سيٽل بيڊ) **n** a settle that may be converted

to a bed. اها بِنچ جيڪا پلنگ طور به استعمال ڪري سگهجي.

settle for (سيٽل فار) **vi.** to agree to accept a compromise. ٺهراءُ قبول ڪرڻ، ڪنهن ڳالهه تي بيهڻ.

settle in (سيٽل ان) to adapt to a new environment; to prepare to remain indoors for the night. نئون ماحول قبول ڪرڻ، سڄي رات گهر ۾ رهڻ.

settlement (سيٽلمينٽ) **n** act of settling; the state of being settled; payment; arrangement; the placing of a religious minister in a parish; a subsidence or sinking; a settled colony; a local community; an establishment of social workers aiming at benefit to the surrounding population; a settling of property, an instrument by which it is settled, or the property settled, esp a marriage-settlement; residence in a parish or other claim for poor-relief in case of becoming destitute. فيصلو، اڪلاءُ، ٺهراءُ، بندوبست، انتظام، لبيرو، بحالي، نبيرو، چُڪت، صفائي، بيلڪ، نوَ آبادي، بستي، ٿاڪ، قيام، آبادي ، آبادڪاري، نئين آبادي، وسندي، سماجي ڀلائيءَ جو ادارو، ملڪيت جو فيصلو، فيصلي يا ٺاهه جو دستاويز، غير وصيتي دستاويز، سڄي لاءِ مذهبي اداري پاران نان نفقي جو بندوبست، مفت ۾ رهائش.

settler (سيٽلر) **n** someone who settles; a colonist; a decisive blow, argument etc. نو آبادي ڪندڙ، بيلڪيت ڪندڙ، لبيرو ڪندڙ، وسندڙ، بيلڪي، نئون آبادڪار، ڪاپاري ڌڪ، ڪاري ڌڪ يا دليل، (ترار جو) ڪاري وار.

settle with (سيٽل وٿ) to come to an agreement with; to deal with. فيصلو قبول ڪرڻ، ٺاهه ڪرڻ، نهي وڃڻ، فيصلو ڪرڻ.

settling (سيٽلنگ) **n** act of one who settles, payment, as of on an account, draps. ويهندڙ، آباد ڪندڙ، آنار، گڙ ٻتو، ڏيتي ليتي چڪتو ڪندڙ، تر ۾ ويٺل مادو.

settling day (سيٽلنگ ڊي) **n** a date fixed by the stock exchange for completion of transactions, dregs. حصن جي ڪاروبار ۾ ليکو چوکو صاف ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيل ڏينهن.

settling pond (سيٽلنگ پانڊ) **n** a man-made pond into which water containing effluent from a mine, is discharged and in which harmful sediment is deposited. مصنوعي حوض جنهن ۾ پاڻي آڻرجي، گند ڪچرو آڻرائڻ لاءِ ڪلو يا حوض، پاڻي آڻرائڻ وارو تلاءُ.

settlor (سيٽلر) **n** one who settles property on another. جيڪو جائداد ٻئي تي چڪائي يا وهائي، ملڪيت ٻئي جي حوالي ڪندڙ مالڪ.

set to (سيٽ ٽو) to affix; to apply oneself; to set (eg a bone); to set, in the final stages of a game, a new deciding score. (دل سان) شروع ڪرڻ، ولي ويهڻ، جمي ويهي شروع ڪرڻ، پاڻ تي لاڳو ڪرڻ، راند جي آخري حصي لاءِ جدا بيهڪ بيهارڻ، فيصلي لاءِ گهربل نئون اسڪور. بيهارڻ، ڪڙو ڪرڻ، ويهارڻ، قائم ڪرڻ،

set-to (سيٽ) a bout; a fight or argument; a hot contest. مقابلو، بحث لاءِ نقطو، جهيڙو، ويڙهه، چِٽا پيٽي، جهد، جَد.

set-up (سيٽ آپ) the arrangement, organization, configuration or structure of anything; the place where an instrument for measuring, surveying, recording is set up; a situation, the outcome of which has been prearranged, on in which someone is made a victim; a shot, forming part of a scene, consisting of part of the action, close-up or location; bodily carriage and physique. ادارو، بندوبست، شروع ڪرڻ، ٺاهي وٺڻ، بيهڪ، ٺاهه، پربند، سلو، جوڙجڪ، ترڪيب، ترتيب ڏيڻ، ربط ضبط، الگ سمپادن، سنگلن، سنتا، جماعت، بناوت، شڪل، بيهڪ، خاڪو، اها جڳهه جتي ماپ يا چڪاس جو اوزار بيهاريل هجي، اها حالت جنهن بابت نتيجي جي اڳڪٿي پڪ هجي (ته جيئن ٻئي کي ڦاسائجي)، لڳيءَ جو ٺاهه، هڪ تصوير جيڪا ڪنهن سلسلي لاڳو هجي، بدني بيهڪ، هڏ ڪاٺ، روپ، بناوت.

set up (سيٽ آپ) to erect; to put up; to exalt, raise; to arrange; to begin; to enable to begin; to place in view; to put in type; to begin a career, esp in one's own business; to make pretensions; to arrange matters so as to implicate, incriminate, embarrass or make a fool of another person. بيهارڻ، اڀو ڪرڻ، قائم ڪرڻ، سامهون آڻڻ، ڏيکارڻ، لوازڻ، سرفراز ڪرڻ، چاڙهڻ، اوچو ڪرڻ، بلند ڪرڻ، ساراهڻ، مان وڌائڻ، بندو بست ڪرڻ، شروعات جوڳو ڪرڻ، عملي زندگي شروع ڪرڻ، هلڻ جهڙو ڪرڻ، پاهريون بنو ڪرڻ، اهڙو ٺاهه ٺاهڻ يا سٽ سٽڻ جيئن ٻئي کي ڦاسائي يا خراب ڪري سگهجي، لڳيءَ جو ٺاهه.

set upon (سيٽ اپان) to set on; determined on. پڪو پهه ڪرڻ، پڪو ارادو ڪرڻ، ڪنهن ڳالهه تي بيٺل.

setule (سيٽول) **n** a small seta or bristle. ننڍڙو ڪنڊو، ننڍو وار، ڪڙو وار.

setwall (سيٽ وال) **n** zedoary; now, valerian. جهنگلي هيڊ، جڙي ٻوٽي، ڪچور، خوشبودار جڙي ٻوٽي، جنس سنبل گل، سنبل طيب (ٻوٽو.)

seven (سيون) **n & adj.** the cardinal number next above six; a symbol represent it (7, vii); a set of that number of people or things; a shoe or other article of a size-denoted by that number; a card with seven pips; a score of seven points, tricks; the seventh hour after midday or midnight; the age

of seven years; of the number seven, seven years old.سَتَ، ستن جي انگن جا مختلف نشان، ستن مائهن يا ستن جو سيٽ، ستون نمبر شيءِ يا بوٽ، ستيءَ جو پتو، ستن جو اسڪور يا ماڻ، ست انگلون، ست بجي وقت، ستن سالن جي عمر، ستون نمبر، ستن سالن جو، ست سالو.

sevenfold (سيون فولڊ) **adj. & adv.** in seven divisions; seven times as much. ستوڻون، ستوڻ.

seven-league (سيون ليگ) **adj.** taking seven leagues at a stride, as the ogre's boots acquired by Hop-o'-my-Thumb. هڪ قدم ۾ ست فرسنگ مفاصلو طئي ڪرڻ.

Seven Seas (سيون سِيز) **n** the Arctic, Antarctic, North and South Atlantic, North and South Pacific, and Indian Oceans; all the seas of the world generally. ست سمنڊ، دنيا جا سڀ سمنڊ.

seventeen (سيون ٽين) **n & adj.** seven and ten; one more than sixteen or seven more than ten; a symbol for this (17, xvii, XVII); a size denoted by seventeen; that amount to seventeen.سترهن، سترهن جي انگ جو نشان، سترهون نمبر شيءِ، سترهن جي رقم، سترهن جي انگن جا نشان.

seventh (سيونٿ) **adj.** last of seven; next after the sixth; equal to one of the seven equal parts; a seventh part; a person or thing in seventh position; a tone or semitone less than an octave; a note at that interval..ستون، ستن برابر حصن ۾ ورهايل رقم جو ستون حصو، ستون نمبر شيءِ يا ماڻهو، موسيقيءَ ۾ ستن جي وڇٿ.

seventieth (سيونٽي ايٿ) **adj.** last of seventy; next after the sixty-ninth; equal to one of seventy equal parts; a seventieth part; a person or thing in seventieth position.سترهون، ستر جو هڪ حصو، ستر نمبر تي ڏيکاريل يا بيهاريل.

seventy (سيونٽي) **n & adj.** seven times ten; a symbol for this (70, lxx, LXX); the numbers from 70 to 79, esp the years of a century or of a person's life; that amount to seventy.ستر، ست ڏهاڪا، ستر جي انگن جا مختلف نشان، ستر کان اڻاسيءَ تائين انگ، ستر کان اڻاسيءَ تائين جي عمر، ستر جي رقم.

seventy-eight (سيونٽي ايٽ) **n** an old type of gramophone record designed to be played at 78 revolutions per minute, standard before the introduction of long-play microgroove records.اٺهتر، آڳاٽو فولي جو رڪارڊ جيڪو هڪ منٽ ۾ اٺهتر ڦيرا پائيندو هو.

seven-year itch (سيون ايئر اچ) **n** a tendency towards sexual infidelity, held in jocular tradition to be common after about seven years of marriage. شاديءَ جي ستن سالن کانپوءِ هڪ قسم جي بيزاري، جنسي بيوفائيءَ طرف مائل ٿيڻ.

sever (سَيور) **vt & vi.** to separate; to divide, part; to cleave, split; to detach.ڌار، جدا ڪرڻ،ڌار ڪرڻ، ڪاٽڻ، وڇڻ، علحده ڪرڻ، ڪپڻ،.(سسي) لاهڻ، ٽوڙڻ، لٽڻ، ڇڇڻ، ڇني ڇڏڻ.

several (سيورل) **adj & n.** various; sundry; more than one; (usu more than three), but not very many; separate; particular; distinct; different; belonging or pertaining distributively, not jointly; privately owned; privately owned land, esp enclosed pasture; private property; a detail, particular; an individual person..ڪيترا، ڪيترائي، ڪئين، انفرادي، ڪيئي، گهڻائي، ڪي، ڪجهه، هڪ کان وڌيڪ پر تمام گهڻا به نه، هڪ کان وڌيڪ يا ٽن کان وڌيڪ گهڻا، چڱا خاصا، خاص خاص، جدا جدا، مختلف قسمن يا جنسن جا، الڳ يا جدا ملڪن جا، ذاتي، خانگي (ملڪيت يا زمين)، خاص ماڻهو، خاص حق، جدا، الڳ، ڪئين پيرا، ڪيترا، علحدو، ڌار، جدا.

severally (سيورلي) **adv.** separately; respectively.هڪ هڪ، جدا جدا، فرداً، هڪڙو هڪڙو، ڌار ڌار، هڪ هڪ ڪري.

severalty (سيورلٽي) **n** separateness; individual ownership of property, esp land..ذاتي، غير مشترڪ ملڪيت، خلاصو حق، بنا شرڪت، جدا جدا.

severance (سويئرنس) **n.** act of severing; separation. علحدگي، جدائي، وڇوڙو، ڦوٽ، ورهاڱو، جدا ڪرڻ.

severance pay (سويئرنس پي) **n** an allowance granted to an employee on the termination of his or her employment.پتو جيڪو ملازمت ختم ٿيڻ تي ملي، نوڪريءَ مان ڪڍيل ملازم کي ڏنل رقم.

severe (سويئر) **adj.** rigorous, harsh; very strict; conforming to a rigorous standard; unsparing; hard to endure; dangerous; grave, acute or very bad; critical; stern; austerely restrained or simple in appearance..سخت، ڏاڍو، انتهائي متشدد، ڪٺور، ڳنڀير، تيز، بي درد، سخت گير، سخت اثر، خراب اثر، تڪليف ڏيندڙ، ڏکيو، برداشت کان ٻاهر، خطرناڪ، تمام تيز، خراب، نقصانڪار، ڏسڻ ۾ سخت يا ڳنڀير، جابرانه، سختيءَ وارو، شديد، ڪرڙو.

severity (سويئرٽي) **n** state or quality of leaing severe, rigour, intensity, austerity, سختي، بي رحمي، شدت، ڪٺورتائي، ڏاڍائي، ڪرڙائي، سختائي، تاءُ، تست، ترشي، تنگي.

severy (سيورئري) **n** a compartment of vaulting.تجوڙيءَ صورت جاءِ يا ڪوٺي.

sevruga (سرووگا) **n** a species of sturgeon, of the Black and Caspian seas; delicately-flavoured caviare obtained from it.مڇيءَ جو هڪ قسم، ڪاري ۽ ڪسپين

سمنڊ جي مڇي ۽ اُن جي آني.

sew[1] (سيو يا سو) **vt & vi.** to join, attach, enclose or work on with a needle and thread, with wire or with a sewing-machine; to work with a needle and thread, sewing-machine, or in any similar way. سبڻ، ڳنڍڻ، سلائي ڪرڻ، ٽوپو ڏيڻ، سبي ڇڏڻ، پرڻ، سٽيء سڳي جوڙڪر ڪرڻ، سلائي مشين تي ڪم ڪرڻ، ٽوپي ٽنگي جو ڪم ڪرڻ.

sew[2] (سيو) **vt & vi.** to drain; to ooze; to be aground. (سوراخ ڪري) خالي ڪرڻ، وهائڻ، (قرزي - ڦٽ) ٽمڪو ڏئي گند ڪڍڻ، ويهي اٿڻ، زمين تي چڙهي اچڻ.

sewage (سيَويج) **n** refuse or waste carried off by sewers. ميرو پاڻي، گندو پاڻي، ڪسين جو بندوبست، ڪنو پاڻي. نيڪال ڪرڻ جو نظام، گندو آب، گند ڪچرو، نالين ۾ وهڻ وارو ڪن ڪچرو.

sewage-farm (سيوَيج فارم) **n** a place where sewage is treated to render it suitable for use as manure; also, a farm on which sewage is used as fertilizer. اهاجاء (زمين) جتي گندو پاڻي آلرائجي، گندي پاڻيء جو کيت.

sewage-works (سيويج وَرڪس) **n** a place where sewage is treated and purified before being discharged into a river or the sea. گندي پاڻيء کي صاف ڪري درياهہ واهہ يا سمنڊ ۾ وجهڻ جو بندوبست.

sewelled (سوَيلڊ) **n** a mountain beaver, a squirrel-like burrowing rodent of NW coastal regions of N America. اتر آمريڪا جي جابلو علائقن جي درياهن ۾ ملندڙ لڌڙي جي جنس جو جانور، ساموليي لڌڙو.

sewer[1] (سيوَر) **n** a high-ranking servant who superintended the service at table; an officer of the royal household. وڏي مرتبي وارو، ملازم جيڪو شاهي گهر جي خدمت ۾ هجي، شاهي يا حڪمران خاندان جي ماني لڪيء لاء ذميوار اعلي عملدار.

sewer[2] (سيوَر) **n** a channel (esp underground) for receiving discharge from house-drains and streets; to provide with sewers. زير زمين ڪسي جنهن ۾ گهرن ۽ گهٽين مان گندو پاڻي پوي، ڳجهي ڪسي، موري، نالي، پنڌ، پل، گندي پاڻيء جي موري، گندي پاڻيء کي ڪڍڻ لاء ناليون لڳائڻ.

sewer-gas (سيُور گئس) **n** the contaminated air of sewers produced by the decomposition of sewage. بدبودار گئس (جيڪا بند ڪسيء مان نڪري)، گندي پاڻيء جي گئس.

sewer-rat (سيُور رَٽ) **n** the brown rat. ناسي رنگ جو ڪوئو، عام گهرو ڪوئو، گندي پاڻيء جو ڪوئو.

sewin, sewen (سيوان) **n** the Welsh and Irish name for a sea-trout grilse. هڪ قسم جي مڇي.

sewing-machine (سيوَنگ يا سوئنگ مشين) **n** a machine for sewing fabric, leather. سلائيء جي مشين.

sew up (سيواپ) **n** to enclose or close up by sewing; to complete satisfactorily, or secure a satisfactory result; to tire out, bring to a standstill, nonplus or make drunk. سلائيء سان بند ڪرڻ، اطمينان جهڙو ڪم، اطمينان جوڳو نتيجو، سبي ڳنڍڻ، جوڙڻ، سهڻي نموني مڪمل ڪرڻ، صحيح نتيجو ڏيڻ، مناسب نتيجو ملڻ، ٿڪائڻ، بيهارڻ، مڪمل ڪرڻ، (نشو) پياري بيهوش ڪرڻ، حواس مان ڪڍڻ.

sex (سَيڪس) **n, adj. & vt.** the sum of the characteristics which distinguish an animal or plant as male or female; the quality of being male or female; either of the divisions according to this, or its members collectively; the whole area connected with this distinction; sexual intercourse, or behaviour, feelings, desire, associated with it; to ascertain the sex of. جنسَ (نر، مادي)، قسم، نسل، ونس، صنف، ذات، نر يا ماديء واري صورت ۾ هجڻ، نر يا ماديء واري صورت، نر مادي ورهاست ۽ انهن جنسن جا جانور يا جيو، جنسي عمل، سنجوڳ، جنسي ضرورت، طور طريقو، ڪنهن جي ۾ جنس معلوم ڪرڻ.

sex act (سيڪس اڪٽ) **n** the act of sexual intercourse. جنسياتي عمل، جنسي عمل، سنجوڳ، جماع، مباشرت، مجامعت.

sexagenarian (سيڪسا جينرين) **n & adj.** a person sixty years old, or between sixty and seventy; of that age. سٺ سال عمر جو، سٺ ۽ ستر سالن جي وچ واري عمر وارو ماڻهو.

sexagenary (سيڪساجينري) **adj.** of, containing, based on, sixty; sexagenariation; a sexagesimal fraction; a sexagenarian. سٺ انگ جو يا ان سان متعلق، سٺ مداري، سٺ سڪو، سٺ جي حصن وارو.

Sexagesima (سيڪساجيسيما) **n** the second Sunday before Lent, so named on the false analogy of Quadragesima. عيد فصح کان پندرهن ڏينهن اڳ وارو آچر.

sexagesimal (سيڪساجيسيمل) **adj.** pertaining to, or based on sixty; a sexagesimal fraction. سٺ متعلق يا سٺ تي ٻڌل، سٺ مداري، سٺ جو حصو.

sex aid (سيڪس ايڊ) any of various articles and devices used to prompt or increase sexual arousal artificially, as sold in sex shops. جنسياتي عمل ۾ اضافي لاء آلو يا اوزار، جنسياتي عمل کي وڌائيندڙ شيون (جيڪي دڪانن تان ملن).

sex appeal (سَيڪس آپيل) **n** the power of attracting, esp of exciting sexual desire in others. جنسي طور ڪشش آور قوت رکندڙ (مرد، عورت).

sex bomb (سيڪس بام) **n** a person, esp female, with a

lot of sex appeal. ڪهڻي جنسي ڪشش رکندڙ انسان خاص طور تي عورت.

sex cell (سيڪس سيل) **n** an egg cell or sperm.جنسي جيوڙو، زنانو يا مردانو جنسي ڳهرڙو يا جيوڙو.

sexcentenary (سيڪسيٽينري) **n** a 600th anniversary or a celebration of this; of or relating to a sexcentenary; occurring every six hundred years.ڇهه صد سالا جشن، هر ڇهه سو سالن کان پوءِ ملهائڻ وارو جشن.

sex change (سيڪس چينج) **n** (esp of humans) a changing of sex, usu achieved by the surgical transformation and/or re-creation of sexual organs.جنس جي مٽ، جراحيءَ سان جنسي عضوا لڳائي جنس مٽائڻ.

sex chromosome (سيڪس ڪروموسوم) **n** the chromosome that determines sex.جنسي جوڙو، نسلي رنگائون جسم، جنسي منتقلي جسم، جنس جو تعين ڪندڙ (جنسي) رنگائون جسم.

sex-determination (سيڪس ڊٽرمينيشن) the biological process by which the sex of a new organism is determined.جنس سڃاڻ، (جنسي) حد بندي، جنسي ورهاست جو تعين.

sex drive (سيڪس ڊرائيو) **n** the natural impulse and appetite for sexual relations. جنسي بک، جنسي ضرورت.

sexed (سيڪسڊ) **adj.** having sex; being male or female; having sexual desires or urges to a specified degree.مذڪر يا مونث هجڻ، جنس وارو، نر يا مادي هجڻ واري حالت، ڪنهن حد تائين جنسي ضرورت محسوس ڪندڙ.

sexed-up (سيڪس اپ) made sexy or extra sexy; sexually excited.جنسي جوش جو وڌڻ، جنسي طور تيار، جنسي عمل لاءِ تيار.

sexennial (سيڪسينيل) **adj.** lasting six years; recurring every six years. ڇهه سالہ دؤر، هر ڇهين سال، ڇهه سالو.

sexer (سيڪسر) **n** a person who ascertains the sex of domestic fowl, etc.ماڻهو جيڪو گهرو پکين جي جنس سڃاڻي، ڪڪڙ جي جنس سڃاڻندڙ ماهر.

sexfoil (سيڪسفوائل) **n** a six-lobbed ornamental figure. ڇهه ڪنڊي خوبصورت شڪل، ڇهن پنن واري شڪل، ڇهه پن بوٽو.

sex hormones (سيڪس هارمونس) **n** hormones produced by the gonads that control the development of sexual characteristics.جنس محرڪ، جنسي خصوصيتن کي تمام گهڻو وڌڻ کان روڪيندڙ محرڪ مادو.

sex integrade (سيڪس انٽيگريڊ) **n** an intersex.(جانور) جنهن ۾ مختلف جنسن جا آثار پيدا ٿين، ٻه جنسي، درميان جنس، ٻنهي جنسن جون خوبيون رکندڙ.

sexism (سيڪسزم) **n** discrimination against, stereotyping of, patronizing or otherwise offensive behaviour towards anyone on the grounds of sex.جنس جي بنياد تي امتياز، جنس جي بنياد تي ڪنهن سان محبت يا نفرت ڪرڻ، جنس جي بنياد تي مت ڀيد.

sex kitten (سيڪس ڪٽن) **n** a young woman (mischievously) playing up her sex appeal.(شرارت هيٺ) جنسي نمائش ڪندڙ عورت.

sexless (سيڪس ليس) **adj.** of neither sex; without sex; without sexual feelings; devoid of sexual attractiveness..بغير جنسي ڪشش جي، بنا ڪنهن جنس جي، ڪدڙو، ڪدڙي، غير جنس، بغير جنس، خصي.

sex-limited (سيڪس لمٽيڊ) **adj.** developed only in one sex. هڪ جنسي واڌ يا ظهور، مڪمل طور هڪ جنس وارو.

sex-linked (سيڪس لنڪڊ) **n** (of a trait, disorder) inherited along with sex, that is, by a factor located in the sex chromosome.جنسي لاڳاپي جي ڪري ڪا خرابي، جنسي ڳانڍاپو، نسلي ڳانڍاپو، ورثاتي اثر.

sexology (سيڪسالاجي) **n** the study of (human) sexual behaviour and relationships.علم جنسيات، علم جنسي تعلقات، انسانن جي باهمر جنسي لاڳاپن جو ابياس.

sexpert (سيڪس پرٽ) **n** an expert in sexual behaviour. جنسيات ۾ پڙ، جنسي معاملن جو ماهر.

sexploitation (سيڪس پلائٽيشن) **n** the exploitation of sex for commercial gain in films and other media. جنس جو (فلم وغيره ۾) ڪمائي لاءِ استعمال.

sex pot (سيڪس پاٽ) **n** a person very great or obvious physical attraction..ظاهر ظهور جسماني ڪشش وارو ماڻهو.

sex-reversal (سيڪس رور سل) **n** change from male to female or female to male in the life of the individual.جنسي تبديلي، جنس تبديلي، جنسي الٽ پلٽ، جنسي بدل سدل.

sex shop (سيڪس شاپ) **n** a shop selling articles connected with sexual arousal, behaviour etc.جنسي عمل جي اضافي لاءِ اوزار يا شيون وڪڻندڙ دڪان.

sex-starved (سيڪس اسٽارود) **adj.** deprived of the pleasures and satisfactions of sexual activity.جنسي لذت جو بکايل يا سڪايل.

sext (سيڪسٽ) **n** prayers said at fourth, canonical hour of the divine office, at midday; a sixth (music); an organ stop giving the twelfth and the tierce (a sixth part). ظهر جي وقت جي عيسائي عبادت.

sextan (سيڪس ٽن) **adj** (of the paroxysms of a fever) recurring every fifth day (six by old reckoning). بخار جيڪو هر ڇهين ڏينهن ظاهر ٿئي، ڇهين ڏينهن جو بخار.

sextant (سيڪس ٽنٽ) **n.** the sixth part of the circle or its circumference, a sector on an arc of 60 degr; an

instrument with an arc of a sixth of a circle, for measuring angular distances, esp a navigating instrument incorporating a small telescope; a constellation, lying over the equator; a Roman bronze coin worth a sixth of an as. ڪنڊن. گول جو ڇهون پاڱو. ماپڻ جو آلو يا اوزار (جهاز راني ۾ ڪم ايندڙ). تارن جو هڪ ميڙ. ڇهن تارن جو ميڙ. رومي زماني جو ٽامي جو هڪ ننڍو سڪو.

sex therapist (سيڪس ٿراپسٽ) n a person who deals with problems relating to sexual intercourse. جنسي عمل جي مسئلي ۾ صلاح ڏيندڙ. جنسي مسئلن ۾ صلاح مشورو ڏيندڙ.

sextile (سيڪسٽائيل) n a position 60 deg apart on the zodiacal chart. سٺ درجي جو مفاصلو. نقشي تي سٺ درجي واري بيهڪ.

sextillion (سيڪس ٽلين) n the sixth power of a million; the seventh power of 1000 (US). هڪ ملين يا ڏهه لکن جي رقم ڇهه دفع ضرب ڪيل. هڪ هزار جو ستوڻون انگ (آمريڪا ۾).

sextodecimo (سِڪسٽوڊيسي مو) n a book or a size of book made by folding each sheet into sixteen leaves. سورهن شڪني. سورهن ورقي ڪتاب.

sexton (سيڪسٽن) n an officer who rings a church bell, attends the clergyman, digs graves; a burying beetle. گرجا جو چوڪيدار. گورڪن. ديول ٽهليو. ڪارو ڏنڊڻ.

sextour (سيڪس ٽوئر) n sixfold; six times as much; to increase or multiply sixfold. ڇهه. ڇهوڻون. ڇهه ڇهه دفعا. ڇهه لڙهه. ڇهه تهه.

sextuple (سيڪسٽيوپل) adj, n. vt & vi. sixfold; six times as much; to increase or multiply sixfold. ڇهوڻون. ڇهن سان ضرب ڪيل. ڇهوڻون ڪرڻ.

sextuplet (سيڪسٽوپليٽ) n a sextolet; one of six children born at a single birth. ڇهن هڪڙي وير ۾ پيدا ٿيل ڇهن ٻارن مان هڪڙو ٻار.

sexual (سيڪسوئل) adj. of, by, having or characteristic of sex, one sex or other, or organs of sex. جنسي. نسلي. صنفي. سبنڌي. نر مادي جنس بابت. مرد زال جو. جنس جو. استري پرش ڀيد. جنسياتي. جنسي عضون جو يا انهن بابت.

sexual abuse (سيڪسوئل ابيوز) n the subjection of a person to sexual activity likely to cause physical or psychological harm. جنسي عمل. جنسي غلط استعمال. جنهن جو ٻئي تي خراب اثر پوي. جنسي زيادتي يا ڏاڍائي. جنس جو خراب يا هاڃيڪار استعمال.

sexual athlete (سيڪسوئل اٿليٽ) n someone who performs sexual intercourse skilfully and frequently. جنسي رانديگر. جنسي عمل جو ماهر.

sexual harassment (سيڪسوئل هراسمينٽ) n that consisting of misplaced and unwelcome sexual advances, remarks, esp from a senior colleague in the workplace. جنسي. اڻ وڻندڙ يا ڪاوڙ ڏياريندڙ جنسي آڇ. جنسي طور پريشان ڪرڻ. فحش اشارا ڪرڻ. فحش جملا چوڻ.

sexual intercourse (سيڪسوئل انٽرڪورس) n the uniting of sexual organs, esp involving the insertion of the male penis into the female vagina and the release of sperm. جماع. جنسي جماع. جنسي ميلاپ. جنسياتي ميلاپ. همبستري. سنجوڳ. سبنڌي ميلاپ. مجامعت. مباشرت. جهڻ جو عمل.

sexually transmitted disease (سيڪسوئلي ٽرانسمٽڊ ڊزيز) n veneral disease. جنسي بيماري. جنسي عمل سبب ٿيندڙ بيماريون. پرميل. ايڊز وغيره.

sexual preference (سيڪسوئل پرفرنس) n a preference for homosexual or heterosexual relations. جنسي چاهه. جنسي رغبت. ساڳي يا مخالف جنس طرف جنسي ميلان.

sexual reproduction (سيڪسوئل ريپراڊڪشن) n the union of gametes or gametic nuclei preceding the formation of a new individual. جنسي. جنسي تولد. پيدائش. جنسي بار آوري. مباشرت يا مجامعت جي عمل ڪري پيدائش جو عمل. جنسي ڄمر. جنسي عمل ذريعي واڌ جو عمل.

sexual selection (سيڪسوئل سِليڪشن) n the province of natural selection in which preference for mates having certain characters comes into play. جنسي پسند. جنسي چونڊ.

sexual system (سيڪسوئل سسٽم) n the Linnaean system of plant classification according to sexual organization. جنسي سرشتو. (ٻوٽن جو) جنس مطابق ورهاست جو مقرر سرشتو.

sexy (سيڪسي) adj. (of a person) sexually attractive, stirring sexual interest in others; stimulating sexual instincts; involved in, or concerned with sexual activity, esp sexual intercourse; (of an object or idea) exciting, attractive, fascinating, tempting. جنسي ڪشش اڀاريندڙ. جنسي ڪشش رکندڙ. جنسي جوش آڻيندڙ. جنسي عمل لاڳو. جنسي عمل. مجامعت. جماع. سنجوڳي.

sey (ساءِ) part of a carcase of beef incl. the sirloin. ڍڳي گوشت جو ٽڪر.

Seyfert falaxy (سَيفرٽ فئلڪسي) n one of a small class of galaxies with intensely bright nuclei and inconspicuous spiral arms. آسمان ۾ موجود ننڍن گرهن جو هڪ ميڙ.

Sezary syndrome (سَيزَري سنڊروم) n a rare condition in which abnormal growth of lymphocytes occurs in the skin, liver and lymph nodes. هڪ بيماري يا

جسماني حالت جنهن ۾ ڪل، جيري ۽ غدودن ۾ ڳوڙهيون نڪري پونديون آهن.

sfumato (اسفو ماٽو) **n** a misty, indistinct effect achieved by gradually blending together areas of different colour or tone (painting and drawing).(Ital) مصوري ۾ يا رنگ ڪرڻ مهل مختلف رنگن جي لڳائڻ ڪري هڪ بخار واري صورتحال جو پيدا ٿيڻ يا تصويرن کي ڌنڌلو ڪندڙ رنگ ڏيڻ جو عمل.

sgraffito (زگرافيٽو) **n** decorative work in which different colours are revealed by removal of parts of outer layers of material (plaster or slip) laid on; pottery with such decoration (Ital). سينگار جو ڪم جنهن ۾ رنگ هثي ۽ لاهي پوء گل چٽ نـاهيا ويندا آهن. جنديء جو ڪم. نڪ يا چٽ جو ڪم.

shabble (شبل) **n** an old rusty sword. پراڻي ڪٽيل يا ڪٽ چڙهيل تلوار.

shabby (شَبي) **adj.** dingy or dirty; (of clothes) threadbare or worn; having a look of poverty; (of behaviour) unworthy, discreditable or contemptible; low; paltry. ميرو، گدلو، ڪنو، ڏسڻ ۾ نامعزز، خراب، ڪميڻو، ڪڏو، پاجي، برين حالين، چنل ڦاٽل (ڪپڙا)، رذيل، حقير، ڪڙيل، مَٽ پيڙ.

shabby-genteel (شبي جينٽيل) **adj.** keeping up or affecting an appearance of gentility, though really very shabby. گدلو پر ڏسڻ ۾ معزز، گودڙيء ۾ لال.

shabrack (شبِ رئڪ) **n** a trooper's housing or saddle-cloth. فوجي زين پوش.

Shabuoth, Shavuoth or **Shavuot** (شَبواٿوٽ، شئواٿوٽ) **n** the Jewish Feast of Weeks, celebrated on the 50th day after Passover, marking the end of harvest, or as a commemoration of the giving of the Law to Moses. يهودين جي دعوت. فصل جي لهي وڃڻ کان پوء جي آخري دعوت، حضرت موسيٰ عليه السلام کي شريعت يا الهام ملڻ جي يادگار طور ملهايل جشن يا دعوت.

shack (شَئڪ) **n** a roughly-built hut. معمولي جهوپڙي، چن، لانڍي، چنو، منهن، چؤنرو.

shack up (شَئڪ اَپ) **n** (of unmarried sexual partners) to live together, or set up house together. غير شادي شده جوڙي جو هڪ گهر ۾ گڏ رهڻ، بنا نڪاح جي زال مڙس طور رهڻ.

shackle (شَئڪِل) **n** a prisoner's or slave's ankle-ring or wrist-ring, or the chain connecting a pair; fetters, manacles; a hindrance, constraint; a hobble; a staple-like link, closed with a pin; the curved movable part of a padlock; a coupling of various kinds; to fetter; to couple; to hamper. هٿ ڪڙي يا پير ڪڙي، بيڙي، زنجير، ليٽر، واڳهه، بيڙيون، اِشڪول، ڏاوڻ، ڏائڻ، روڪڻ، ڏاوڻ وجهڻ، قيد ڪرڻ، زنجير وجهڻ، تالي جا ڳول حصا يا ڪڙي، ڪڙيون، ڳنڍ ڍڻ، ملائڻ، جوڙڻ، رلڻ.

shackle-bolt (شَئڪِل بولٽ) **n** the pin of a shackle. هٿ ڪڙيء جي چابيء واري جاء.

shackle-bone (شئڪل بَون) **n** the wrist. ڪرائي.

shad (شَئڊ) **n** an anadromous fish related to the herring; extended to various other similar but unrelated fishes. پلو، پلو مڇي، هيرنگ مڇي.

shad-bellied (شئڊ بيليڊ) **adj.** flat-bellied; (of a coat) sloping away gradually in front. سنئين سڌي پيٽ وارو، لسي پيٽ وارو، ڪوٽ جو هڪ قسم.

shad-berry (شئڊ بيري) **n** the fruit of the shad bush, the Juneberry; a N American rosaceous shrub flowering at shad spawning-time. شاڊ ٻوٽي جو ميوو، بير ڏيندڙ ٻوٽو، سالوٽيء جو ٻوٽو.

shaddock (شَئڊوڪ) **n** an Oriental cirtrus fruit like a very large orange, the pomelo; the tree that bears it. هڪ قسم جو وڏو سنگترو يا گريٽ (گريپ) فروٽ جيڪو مشرقي ملڪن ۾ ٿئي ٿو، چڪو ترو (وڻ) ۽ ميوو، پاميلو ميوو.

shade[1] (شَيڊ) Partial or relative darkness; interception of light; obscurity; a shadow; a momentary facial expression; a place or area from which sunlight is excluded; a shelter from light or heat; that which casts a shadow; a screen; a window-blind; a cover to modify or direct the light from a lamp; an inverted glass vessel formerly put over a clock or ornament; a projecting cover to protect the eyes from glare; sunglasses; an awning for a shop-window; a lace head-covering; a variety or degree of colour; a hue mixed with black; the dark part of a picture; a slight difference or amount; the darkness of the underworld, the abode of the dead, Hades; the disembodied soul; a ghost; to screen; to overshadow; to mark with gradations of colour or shadow; to soften down; to darken; to lower a price very slightly. ڇانوَ، اونده، پاڇو، ڇانورو، عڪس، ڍڪ، تاريڪي، اڌيرو، سايو، گيرو، اولو، منهه، باريڪ فرق، پاڇو وجهندڙ، پردو، ڍڪڻ، ڇانو ڪندڙ، دريء جو پڙدو، شيشي جو ڍڪ، چشمي جي مٿان لڳندڙ شيشا (جيڪي اس جو بچاء ڪن)، اس جا شيشا، رنگين شيشا (چشمي جا)، پٽيء واري مٿي جي پوشاڪ، رنگ، تصوير جو اونداهو حصو، اندروني دنيا جي اونداهه، مئلن جي رهڻ واري جاء، بنا جسم جي روح، جن، ديو، ڇانو ڪرڻ، رنگ هثي

shade[2] (شَيِڊ) **vt.** to part the hair.وار ڪولڻ. وارن کي سينڌ ذريعي الڳ ڪرڻ. سينڌ ڪڍڻ. وارن جو رنگ.

shade card (شَيِڊ ڪارڊ) **n** a card illustrating the various shades available in a certain type of paint.رنگن جو نمائشي ڪارڊ. رنگ تپاس ڪارڊ يا ڪاغذ.

shade plant (شيڊ پلانٽ) **n** a plant adapted to light of low intensity.گهٽ روشني تي اپرندڙ ٻوٽو. ڇانوَ ٻوٽو. ڇانوَ پسند ٻوٽو.

shade tree (شيڊ ٽري) **n** a tree planted to give shade. ڇانوَدار وڻ. ڇانوَ ڪندڙ ٻوٽو.

shades of (شيڊس آف) an exclamation greeting something which reminds one in some way of a specified person or thing.اهڙي قسم جي خوشامد جيڪا ڪنهن ٻئي واقعي جي ياد ڏياري.

shading (شيڊنگ) **n** the marking of shadows or shadowlike appearance; the effect of light and shade; fine gradations; nuances; toning down; modification of sound by anything put on top of an organpipe; the generation of a non-uniform background level in an image by a television camera tube; slight lowering of prices.پاڇا ٺاهڻ. پاڇي مان شڪليون ٺاهڻ. ڇانوڪاري. ڍڪڻ. اس ڇانو. رنگن جي ٻيهڪ. ملڪو ڪرڻ. تيزي گهٽائڻ. آواز کي گهٽ ڪرڻ لاءِ سازن جي چيزن تي ڪا شيءِ لڳائڻ. قيمت جي آهستي آهستي گهٽتائيءَ جو عمل.

shadoof or **shaduf** (شَڊوف) **n** a device for raising water by a bucket on a counterpoised pivoted rod (Ar).گهرلو. پاڻيءَ کي مخالف طرف مٿي چاڙهڻ يا ڪڍڻ جو نظام. چرخي. مالهه.

shadow (شَڊو) **n, adj.** & **vt.** shade cast by the interception of light by an object; the dark figure so projected on a surface, mimicking the object; the dark part of a picture; a reflected image; a mere appearance; an unreal thing; a representation; a person or thing wasted away almost to nothing; an inseparable or constant companion; a spy or detective who follows one; shade; protective shade, shelter; darkness; gloom; trouble; a ghost, spirit; unreal; feigned; existing only in skeleton; inactive, or only partly active, but ready for the time when opportunity or need arises; denoting, in the main opposition party, a political counterpart to a member or section of the party in power; to shade; to cloud or darken; to indicate obscurely, vaguely or in dim outline; to typify; to hide; to attend like a shadow, follow and watch; to maintain a position close to, follow every movement of; to shadowcast; to cast a shadow to darken..پاڇو. ڇانو. سايو. پناهه. عڪس. پرو. ڇايا. دهو. ذروبہ. ڍڪ. پاڇولو. ڇانو. همزاد. تصوير جو ڪارو حصو. ڪاري تصوير. غير حقيقي شيءِ. نظر نه ايندڙ شيءِ. تصوير. هرو پرو وڃايل يا ضايع ڪيل ماڻهو. سدائين گڏ رهندڙ ساٿي. پاڇي وانگر گڏ. پوئلڳ. ڇانو ڪندڙ ڇپرو. جاءِ پناهه. اجهو. ڇانو وارو هنڌ. اونده. ڏنڌ. ڏنڌلاڻ. تاريڪي. مايوسي. نااميدي. لاراسائي. انگ سنگ ساٿي. دهو وجهڻ. ڇانو ڪرڻ. تاڙيندو اچڻ. پٺيان پوڻ. گوندر پريل. تڪليف واري صورتحال. جن. ديو. روح. روحاني. اڻ چرندڙ. سياسي ڌڙو جيڪو ڪنهن مناسب موقعي جي تلاش ۾ هجي. رنگ ڪرڻ. ڏنڌلو ڪرڻ. اونداهو ڪرڻ. ڪڪرن سان ڍڪجڻ. ڏنڌلو ڪري ڏيکارڻ. ڪنهن خاص نموني مطابق تيار ڪرڻ. لڪائڻ. ڍڪڻ. پاڇي وانگر لڳو رهڻ. ڪنهن جي پويان لڳو رهڻ. هرجاءِ موجود هجڻ. ڳجهي نموني نظرداري ڪرڻ. پاڇو وجهڻ.

shadow box (شَڊو باڪس) **n** a frame or boxlike structure (often with shelves and a clear protective front) used to display articles.الماري جنهن مان سامهون سامان ڏسي سگهجي. شوڪيس. شيشي وارو ڪٻٽ.

shadow boxing (شڊو باڪسنگ) **n** sparring practice with an imaginary opponent; making a show of opposition or other action, as a cover for taking no effective steps. خيالي مخالف سان مڪي بازيءَ جي مشق.

shadow cabinet (شڊو ڪئبينيٽ) **n** a body of opposition leaders meeting from time to time and ready to take office should their party assume power. مخالف ڌر جي اڳواڻ جي ڪابينہ. مخالف ڌر جي ماهرن جي جماعت.

shadow cast (شڊو ڪاسٽ) **n** (in microscopy) to cast shadows of projecting parts of a specimen by exposing to a stream of vapour of a heavy metal.خورد. بينيءَ رستي تپاس لاءِ پاڇو وجهي مختلف حصن جي چڪاس ڪرڻ.

shadow effect (شڊو افيڪٽ) **n** a loss of signal strength in broadcast transmission due to the topography of a region.زمين جي هيٺ مٿاهين هئڻ ڪري ريڊيو سگنل جو گهٽ ٿيڻ يا گهٽ وڌ ٿيڻ.

shadow fight (شڊو فائيٽ) **n** a fight between or with shadows or imaginary enemies..خيالي دشمن سان ويڙهه. پاڇن سان وڙهڻ.

shadowgraph (شڊوگراف) **n** an image produced by throwing a shadow on a screen; a radiograph.پردي تي پاڇي پوڻ سان ٺهندڙ تصوير. ايڪسري واري تصوير. پاڇولو. پاڇو. عڪس.

shadowmark (شڊومارڪ) **n** the trace of an archaeological site revealed by observation from the air. قديم آثار جو نظارو جو هوا مان ٻيهي ڏسڻ ۾ اچي.

shadowplay (شڊوپلي) **n** one in which the spectators

see only shadows on a screen; action which is merely symbolic or which mimics real or effective action. ڏسڻ وارن کي پردي تي اداڪارن جا صرف پاڇا نظر اچڻ واري حالت.

shadow of death (شيڊو آف ڊيٿ) the darkness of death; the threatening approach of darkness or death. موت جو پَوَ، موت واري اونداهي، سڪرات، موت سامهون نظر اچڻ، عجيب پر اسرار، ازخيبي نقصانڪار.

shadowy (شئڊوئي) **adj.** shady; like shadow; symbolic; secluded, dim; unsubstantial. چانو، جهڪو، ساپه دار، چانو وارو، عڪسي، تاريڪ، الڏيرو، اونداهو، پاڇي وارو، خيالي، ڪوڙو، ڪولو، شڪي، ڌندلو، غير جسماني، اهڃاڻي، اڪيلو، جدا، پاسامون.

shady (شَيڊي) **adj.** having, or in, shade; sheltered from light or heat; underhand, disreputable; shadowy, mysterious, sinister. چانو وارو، چانو ۾، چانيسو، چانيل، چاويلو، چانئر، سايو، پاڇو، عڪسي، پاچولي دار، سائي دار، ڪولو، شڪي.

Shafiite (شافعائيٽ) **n** a member of one of the four principal sects, of the Sunniites, or orthodox Muslims (Ar). شافعي فرقي جو ماڻهو يا پوئلڳ.

shaft (شفٽ) **n & vt.** anything long and straight; a stem; an arrow; a missile; the main, upright, straight, or cylindrical part of anything; that part of a cross below the arms; the part of a column between the base and the capital; the rachis of a feather; the thill of a carriage on either side of the horse; a straight handle; a pole; a ray or beam of light; a rotating rod that transmits motion; a well-like excavation or passage; to dupe, swindle, treat unfairly. ٿنو، بلي، تير، تنبي، ٿلهو، سرائي، لٺ، ڳني، ڏنڊي، ٿڙي، ڏري، لري، ڪماني، سوخ، ڳنڙي، ڪهي، روشني جو پٽو، روشنيءَ جو ڪرڻو، تررو، مشين جي سرائي، سرنگهه يا ڪاڻ جو رستو، ٺڳڻ، ڪسڪائي وجهڻ، خراب هلت ڪرڻ.

shafter or **shaft-horse** (شفٽر يا شفٽ هارس) **n** a horse harnessed between shafts. بمبوءَ ۾ جوڙيل گهوڙو، بمن وچ ۾ جوڙيل گهوڙو، ٽانگي ۾ جوڙيل.

shag (شگ) **n, adj. vt. & vi.** coarse hair or nap, or anything similar; tobacco leaves shredded for smoking; the green cormorant, or other species; an act of sexual intercourse; a partner, usu female, in a sexual intercourse; a whore; a US dance related to the jitterbug but with shuffling footwork; shaggy; shaggy-haired; to make shaggy; to hang in shaggy clusters. ڳچيءَ جا وار يا پشم، ٿلهو ڪپڙو جنهن سان وارن جهڙا تاڳا لڪتل هجن، ٻَجَ، پشمي وار، وڏي رونئن يا بج وارو ڪپڙو، بخمل، اوني ڪپڙو، غاليچو، (سنهي) ڪاتر ٿيل تماڪ، ڪلنگي دار ماهي خور سِلِي پکي، ننڍو ڪانئرو پکي، جماع ڪرڻ، جنسي عمل، سنجوڳ، رنڊي، چڪلاڻ، ڪيري ڪسبياڻي، هڪ آمريڪي ناچ، بجر، ليڙون ٿيل، وار ڪنڊڙيل، ليڙون ليڙون ڪرڻ، ليڙون ڪري ٽنگڻ.

shag-bark (شگ بارڪ) **n** a kind of hickory tree. اچي اخروٽ جو وڻ، سفيد اخروٽ.

shag- (or shagge-) eared (شگ يا شگ ايئرڊ) **adj.** hairy-eared. وارن سان ڪَن وارو، واردار ڪَن وارو.

shagged (شگڊ) **adj.** shaggy, rough; tired out, exhausted, as if from strenuous lovemaking. ناهموار، ٿڪل، هجيل، ساٿو ٿيل، ٿڪل، پشمدار، روئين دار.

shaggy (شگي) **adj.** covered with shag; long, rough, and coarse; having long, rough, coarse hair; wool, vegetation; unkempt; rugged. وڏن گندن ۽ ٿلهن وارن وارو، پشمدار، تندوري دار، جهاڙيدار، ٻجر، کهرو، وڏن وارن وارو، وڪڙيل وارن وارو، ٽڙيل ڪڙيل وارن وارا جانور جهڙوڪ برفاني علائقن جا وڏن وارن وارا جهنگلي ۽ پالتو جانور.

shaggy cap, shaggy ink-cap or **shaggy mane** (شگي ڪئپ، شگي انڪ ڪئپ يا شگي مين) **n** an edible fungus with a white, cylindrical, shaggy-scaled cap. کنڀي، ڪاچرو کنڀي.

shagreen (شگرين) **n** a granular leather made from horse's or donkey's skin; the skin of shark, ray, covered with small nodules. داڻي دار چمڙو، داڻي دار چمڙو.

shagroon (شگرون) **n** an early settler in New Zealand of other than British origin. نيوزيلينڊ ۾ انگريزن کان اڳ آيل آباد ڪار، غيرانگريز آباد ڪار.

shah (شاهه) **n** the king of Persia (now Iran); also of certain other Eastern countries. (مشرقي يا ايرندي ملڪ جو) بادشاهه، ايران جو بادشاهه، سعودي ۽ ملائيشيا، برونائي دارالسلام، اردن ۽ مراڪش جا بادشاهه يا شاهه.

Shaitan (شيطان) **n** Satan; an evil spirit; a devilish person or animal; a dust storm (Ar). شيطان، شيطاني طبيعت وارو ماڻهو يا جانور، واچوڙو، مٽيءَ جو طوفان.

shake (شيڪ) **vt & vi.** to cause to move with quick, short, often violent to-and-fro movements; to agitate; to brandish; to cause to tremble or to totter; to disturb the stability of; to cause to waver; to disturb; to dismay; to unnerve, shock; to alert, rouse, summon; to put, send, render or cause to be, by shaking; to scatter or send down by shaking; to split; to get rid of; to be agitated; to tremble; to shiver; to shake hands; to trill (music); to happen; a shaking; tremulous motion; a damaging

or weakening below; a shaken-up drink; a trillo, rapid alternation of two notes a tone or semitone apart; a moment..جهٽڪا ڏيڻ، ملائڻ، لوڏڻ، لوڏو، ڌوڏو، لرزو، لڏڻ، ڏڏڻ، لرزڻ، ٿلڪڻ، چلڪڻ، ڌوڏڻ، لرزائڻ، لوڙڻ، حرڪت، چرپر، ٿلڪائڻ، ڌوڻڻ، ڏڏڪائڻ، ڌونڌاڙڻ، ڄهلڻ، (ڇوليون) ڊرڻ، ڇڇڪو ڏيڻ، ڇولڻ، (پاڻي) ڇاڇولڻ، (ايمان کي) لوڏو ڏيڻ، (ننڊ) ڦٽي ڪرڻ، ڇنڊي ڇڏڻ، ڇاڻڻ، (آواز) لرزائڻ، لهرائڻ، (ڏند) الڙڻ، ڏبڻ، ڏڪڻ، ٿڙڪڻ، ووڙڻ، ورڪڻ، لڙڻ، (ڳاڻي جي) ڪمر، لوڏو، لرزش، مرڪ، ڳمڪ، (ڪاٺ ۾) ڦوٽ، پريشان ڪرڻ، حيران ڪرڻ، لوڏي ڇڏڻ، لرزائي ڇڏڻ، لوڏي جدا ڪرڻ، ٽيڙڻ، (هٿن جو) لرزڻ، ڏڪ جيڪو ختم ڪري يا لرزائي، بوڙيا ڪندڙ بوتل (شراب)، موسيقيءَ جي وجت، لمحو، وقفو، معمولي وقت، سيڪنڊ.

shake-bag (شيڪ بئگ) n a fighting cock turned out of a bag; a large fighting cock. ميل ويڙهائڻ وارو ڪڪڙ.

shake down (شيڪ ڊائون) n a temporary substitute for a bed; a trial run, operation to familiarize personnel with procedures and machinery; an act of extortion or blackmail; a thorough search of a person or place esp by the police; to search thoroughly; to go to bed; to settle by shaking; to cheat of money at one stroke.آزمائشي استعمال، عارضي بسترو، جاچ ڪرائڻ، استعمال سيکارڻ، ڪنهن کي تنگ ڪرڻ، ڦرڻ، بليڪ ميل ڪرڻ، (پوليس جو) چڱيءَ طرح جاچ ڪرڻ، تلاشي وٺڻ، چنڊ ڇاڻ ڪرڻ، لوڏي ڏسڻ، پيسا ڦرڻ.

shake hands with (شيڪ هئنڊس ود) to get (someone) by clasping his or her hand with an up-and-down movement; to seal a bargain, acknowledge an agreement, settle differences, with someone in this way..هٿ ملائڻ، هٿ ڏئي راضي نامو ڪرڻ، ناهه ڪرڻ، پرچاءُ ڪرڻ.

shake off (شيڪ آف) to get rid of, often by shaking; to get away, escape, from someone or something that is following or pursuing.جند ڇڏائڻ، پيڇو ڪرڻ واري کان بچي نڪرڻ، (ننڊ) ڦٽي ڪرڻ، جند ڇڏائڻ، پٺيان ايندڙ کان کسڪي وڃڻ.

shake-out (شيڪ آئوٽ) a drastic reorganization or upheaval; a recession in a particular commercial or industrial activity, esp when accompanied by cutbacks in the workforce or closure of individual businesses.(ڪنهن اداري) ۾ وڏي پئماني تي ڇانٽي ڪرڻ، ڪنهن تجارتي يا صنعتي اداري ۾ ڪٽوتيون ڪرڻ.

shake out (شيڪ آئوٽ) to empty or cause to spread or unfold by shaking.چهنڪا ڏئي هارڻ يا خالي ڪرڻ ، لوڏي خالي ڪرڻ يا ڪنڊيڙڻ.

shaker (شيڪر) n a person or a thing that shakes; a person who makes things happen; a device for shaking drinks; a perforated container from which something, eg flour, is shaken.جهنڪيندڙ، شربت ملائڻ جو آلو، لوڏيندڙ، لرزائيندر، ڏڏائيندڙ، چلڪائيندڙ، ڇاڻيندڙ، ڇاڻو.

shake-rag (شيڪ رئگ) n a disreputable ragged man. خراب شهرت رکندڙ، ميرو انسان، ڪنو، گندو، ڦاٽل ڪپڙن ۾.

shake-up (شيڪ اپ) n a disturbance or reorganization; to rouse, mix, disturb, loosen by shaking; to reorganize; to upbraid..وگوڙ يا نئين جوڙجڪ، لوڏڻ، چلڪائڻ، آگاهه ڪرڻ، ڇاڇولڻ، ڌوڻڻ، ولوڙ، ولوڙڻ

shaking palsy (شيڪنگ پالسي) n a name for Parkinson's disease.پارڪنسن بيماريءَ جو نالو، لرزي جي بيماري جيڪا ۾ محمد علي باڪسر کي به آهي، لرزو، ٿرڪڻي، ٿڙڪڻي، ڏڪڻي.

shako or shacko (شئڪو) n a tall, nearly cylindrical military cap with a peak in front. ڦندڻ واري ڊگهي فوجي ٽوپي، فوجي ٽوپيءَ جو قسم.

shakudo (شئڪوڊو) n an alloy of copper and a small percentage of gold, used in Japanese decorative art, esp in sword fittings, to give a blue-black patina; made of or with shakudo (Jap).ٽامو ۽ سون ملائي ٺاهيل ڌاتو، ملمع وارو مادو.

shakuhachi (شئڪوهاچي) n a Japanese end-blown bamboo flute (Jap). بانس مان ٺهيل جپاني الغوزو، بانسري.

shaky (شيڪي) adj. apt to shake or tremble; unsteady; feeble; tremulous; precarious; uncertain; wavering; unsteady; frail from old age or illness; full of cracks or clefts.ڏڪڻو، ڊرو، ڪمزور، اڻ سنڀاليل، اهو پهاڙ جنهن ۾ ڪهڙيون ڏارون ۽ وٿيون هجن، ڏڏلو، لڙيل، ڏڏندڙ، ڇڪڻو، ڍلو، ڪچو، ٻڏندڙ ترندڙ، اڻ سالم، لرزندڙ، ڪمزور، غير محفوظ، ڏڪندڙ، بي ڀروسي، لوڏي ۾.

shale[1] (شيل) n a fine grained clay rock splitting readily into thin layers along the bedding-planes.سليٽ مشابهت نرم پٿر جيڪو آرام سان پڙچ يا تختي والگر ٿي سگهي، ڪچو پٿر (سليٽ جهڙو)، پٿري چلڪو، تهه دار پٿر.

shale[2] (شيل) n, vt. a shell or husk; to shell..کل، ڇلر، ڦوتڙ، چلڪو.

shale-oil (شيل آئل) n oil distilled from oil-bearing shales. تيل جيڪو نرم جابلو علائقي مان ڪڍجي.

shall (شل) vt. expressing debt or moral obligation, to form a future tense, expressing in the first person mere futurity, in the second and third implying authority also promise, command, decree, or control on the part of the speaker; must, will have to, is to,

etc. may be expected to, may chance to, may well; may in future contingency, may come to.زمان مستقبل لاءِ ڪم ايندڙ معاون فعل. پختو ارادو ظاهر ڪرڻ يا حڪم جاري ڪرڻ. مستقبل جي نشاني. ٿيندو، ايندڙ وقت ۾ ڪنهن معاملي بابت پڪ يا خاطريءَ ڏيارڻ وارو لفظ يا حرف. آسرو ڏيڻ. پڪ ڏيارڻ. خاطري ڪرائڻ. حڪم ڏيڻ. حڪم جاري ڪرڻ. ضرور ٿيندو. پڪ رکو وغيره.

shallon (شئلن) **n** salal. اتر آمريڪا جو هڪ وڻ ۽ اُن جو ميوو.

shalloon (شلون) **n** a light woollen fabric used for coat linings,e tc.هلڪو اوني ڪپڙو (جيڪو ڪوٽ جي استر لاءِ ڪم اچي).

shallop (شئلپ) **n** a heavy fore-and-aft-rigged boat; a dinghy; a small light boat (Fr).ڪا هلڪي يا ننڍي ٻيڙي. ٻيڙيءَ جو قسم. ٻن ڪوهن واري ٻيڙي.

shallot or **shalot** (شلاٽ) **n** a species of onion with clusters of garlic-flavoured, oval bulbs.بصر جو قسم جنهن جي پاڙ ۾ ٿوم نما ڳنڍيون هونديون آهن. انگريزي بصر. پياز ڪوهي. بصر جهڙي ڀاڄي. بصر جو قسم جنهن جي بوءِ ٿوم کان گهٽ ٿئي ٿي.

shallow (شئلو) **adj, adv, vt. & vi.** not deep; superficial; of no great depth, concavity, profundity or penetration; at or to no great depth; a shallow place; the shallow part of the sea; to make shallow; to grow shallow..ٿوري گهرائيءَ وارو. مٿاڇرو. تراڪڙو. تانگهو. تراشو. ريٽ. هلڪو مٿاڇرو. سطحي. لانگهو. گهٽ گهرو. ڪم ذهن. سنلو. ڏڌ.

shallowly (شئلولي) **adv.** simply, superficially; foolishly; in a shallow or superficial manner..سادگيءَ ۾. بيوقوفيءَ ۾. مٿاڇري نموني. سطحي طور. ٻاهرئين ٻني.

shalom (شئلوم) **interj.** peace be with you, a greeting or valediction used by Jewish people.سلام. يهودي سلام. يهودين جو خوش خير آفيت جو جملو. توتي رحمت هجي.

shalwar (شلوار) **n** loose-fitting trousers worn by both sexes in many parts of South Asia (Urdu/Hindi). سلوار. ويڪرو پاجامو.

shalwar-kameez (شلوار قميص) **n** a S Asian outfit (for men and women) of loose-fitting trousers and a long tunic (Urdu/Hindi). سلوار قميص جو جوڙو.

sham (شئم) **n, adj. vt. & vi.** a hoax, imposture; humbug; a counterfeit, pretence; pretended; false; to pretend; to feign; to impose upon; to make false pretences; to pretend to be..ڪوڙ. ٺڳ. ڪيڪ. مڪر. بناوتي. فضول. بيهوده. فرضي. هٽ جو ٺاهيل. بهانو. دوکي باز. ڪيڪ ملائڻ. منهائڻ. مڪرائڻ. مڪر ڪرڻ. بهانو ڪرڻ. تيتال. مڪر. منهن. تيتالي. ڪيگر. بناوتي. ٺاهيل. ڪوڙي (لڙائي). نقلي. ڪيگ ملايل.

shama (شما، شمع) **n** an Indian songbird of the thrush family (Hindi). طوطي پکي. ٻولڻو پکي. شاما ڦوسڙي پکي. ڳائيندڙ ڦوسڙي جيڪا هندستان ۾ ملي ٿي. گهرن ۾ پالڻ واري ڳائيندڙ ڦوسڙي پکي.

shaman (شامئن) **n** a doctor-priest or medicine man working by magic, esp a priest of Asian Shamanism. (Russ)هڪ حڪيم يا پادري جيڪو جادوئي علاج ڪندو هجي. روس جو پادري جادوگر.

Shamanism (شمانزم) **n** the idolatrous religion of certain peoples of Northern Asia, based essentially on magic and sorcery as practised by Shamans (Russ) اتر ايشيائي قبيلن جو مذهب جيڪو جادوءَ تي ٻڌل هوندو آهي. روس جي اترئين علائقن ۾ مروج مذهب جنهن ۾ جادو به شامل آهي.

shamateur (شيمي ٽيوئر) **n** a person rated as an amateur in sport who yet makes gains from playing or competing.سيکڙاٽ رانديگر. ڪامياب سيکڙاٽ رانديگر. سنو اپرندڙ رانديگر.

shamba (شمبا) **n** (in E Africa) any farm, plot or small holding used for growing crops (Swahili). مشرقي يا اوڀر آفريڪا ۾ زرعي زمين جو ٽڪرو.

shamble[1] (شئمبل) **vi & n.** to walk with an awkward, unsteady gait; to shuffle; a shambling gait.لڏي لمي هلڻ. بي ڍنگي چال. ڪيگڙائي هلڻ. ڦڏو ٿي هلڻ. لڏي لمي هلڻ. خراب هلڻ.

shamble[2] (شئمبل) **n** a butcher's market stall; a flesh-market, hence, a slaughterhouse.(ڪاسائيءَ جو) ڪوس گهر. ڪميلو. گوشت مارڪيٽ.

shambles (شيمبلس) **n sing.** a flesh-market; a slaughter-house; a place of carnage; a mess or muddle. ڪوس گهر. ڪميلو. جنگ جو ميدان. تباهيءَ وارو هنڌ. برباديءَ واري جاءِ. ڪن ڪچري واري جاءِ.

shame (شيم) **n, interj. & vt.** a painful sensation excited by guilt, disgrace, or those of others, by shortcoming, offence, or unseemly exposure, or a similar feeling on behalf of anything one associated with oneself; reproach; disgrace; susceptibility to such feeling; fear or scorn of incurring disgrace or dishonour; modesty; bashfulness; disgraceful wrong; a cause or source of disgrace; a thing to be ashamed of; an instance or a case of hard or bad luck; those parts of the body that it is felt to be immodest to expose; an expression of affection, warmth or sympathy..حياءُ. شرم. لڄ. ليه. حجاب. مرم. عار. ڪتر. غيرت. لڪ. ناس. پتو. حيف. بدنامي. شرم جي ڳالهه. ندامت. ڪنهن غلط ڪاريءَ سبب شرمندگي. بد ڪرداريءَ ڪري بي

عزتيءَ جو انديشو يا ڊپ ۽ خوف (جو اھا ظاھر نہ ٿي پوي). لڄائڻ، شرمائڻ، ڪٽ ڪرڻ، شرمندو ڪرڻ، لڪ وڏڻ، بدنام ڪرڻ، (ماٺ) پٺائڻ، شرم آڻڻ، لڄڻ، لڄجڻ، شرم وارا عضوا، لڪل عضوا، ھمدردي، لڳاءُ.

shamefaced (شيم فيسڊ) **adj.** very modest or bashful; showing shame; abashed..حياءُ دار، لڄارو، محبوب، شرميلو، لڄونت،شرمسار.

shameful (شيمفل) **adj.** full of shame; disgraceful; scandalous; infamous..شرم جھڙو، ملامتي، ناشائستہ، اگھاڙو، شرمسار، خواريءَ جھڙو، بدنام، خوار.

shameless (شيم ليس) **adj.** destitute of shame; immodest, brazen; done without shame.بي شرم، بي ديدو، بي لڄو، بي حياءُ، بي پتو، اگھاڙو، آئاسو، بي شرميءَ جو.

shameproof (شيم پروف) **adj.** insensible to shame.بي شرم، بي لڄو، بي لڄو، بي پتو، بي حياءُ.

shamer (شيمر) **n** one who or that which causes shame.بناوٽي، بھاني باز، شرم آڻيندڙ ماڻھو يا عمل، بي شرميءَ جو عمل.

shamianah or **shamiana** (شاميانہ) **n** (in India) a large tent, awning or canopy (Hindi/Pers). وڏو تنبو، شاميانو.

shammes or **shammash** (شامس يا شمش) **n** a caretaker of a synagogue with a similar role to a sexton's; a candle used to light the candles of the menorah (Yiddish). مزھبن جو رکوالو، يھودين جي عبادت گاھ جو خادم.

shammy (شمي) **n** (shammy leather) a soft leather, made from chamois skin or sheepskin, by working in oil used esp. for polishing. نرم چمڙو جيڪو رڍ، جي کل کي تيل ۾ وجھي ناھجي، ٻڪريءَ جي کل جو نھيل چمڙو، پالش لاءِ سنھو چمڙو.

shampoo (شيمپو) **vt & n.** the massage; to wash and rub the scalp and hair with special lathering preparation thoroughly; to clean a carpet by rubbing with detergent; an act or process of shampooing; a preparation for the purpose..شيمپو، زور ڏيڻ، پيرون ڏيڻ، ملڻ، چاٻڻ، منارڻ، مڪڙيون ھڻڻ، (بدن تي) زور سان مھٽڻ، ڌوئڻ، صفائي، صفائيءَ جو سامان .

shamrock (شئم راڪ) **n** a trifoliate leaf or plant; the national emblem of Ireland; (in living popular tradition) the lesser yellow trefoil; (in English poetry) often woodsorrel; white clover, hop-trefoil, black medick, or some other or any leaf or plant with three leaflets.آئرلينڊ جو قومي نشان سفيد لونگ، ٽي پن گاھ (ٻوٽو)، ٽہ پنو ٻوٽو، ٽن پنن وارو ٻوٽو.

shamus (شمس) **n** a detective.جاسوس، ڇڪاس ڪندڙ، خبر ونندڙ، ڪڄھڙو.

Shan (شئن) **n** a member of a Mongoloid people of China, Thailand, Burma and Assam, related to the Thais; their Sino-Tibetan language.شان قبيلي جا ماڻھو ۽ سندن زبان، چين جي منگولن جي نسل يا خاندان جا ماڻھو ۽ انھن جھڙو چھرو رکندڙ، برما، ٿائلينڊ ۽ آسام جا ماڻھو، چيني تبتي ٻولي.

shand or **shan** (شنڊ يا شئن) **n** a base or counterfeit coin. ملاوٽي يا کوٽو سڪو، نقلي سڪو.

shandry (شئنڊري) **n** a light one horse cart on springs. ڪمانين يا اسپرنگن تي ھلڪڙو گاڏو، رٿ.

shandrydan (شئنڊريڊئن) **n** a shandry; an old-fashioned chaise; a rickety vehicle.رٿ، گاڏو، پراڻو ٽانگو، ڪل گاڏو، پراڻي موٽرڪار.

shandy (شئنڊي) **n** a mixture of beer and ginger beer or lemonade.بيئر ۽ سنڍ جي ميلاپ مان ٺھيل شراب، ليمونيڊ پيل بيئر.

Shang (شئنگ) **n & adj.** a Chinese dynasty (17c-11c BC); of the dynasty, its time or its pottery, bronzes etc.چين جو ھڪ شاھي خاندان، شانگ خاندان جنھن ١٧ کان ١١ صدي قبل مسيح چين تي حڪمراني ڪئي.

shanghai [1] (شنگھائي) **vt.** to drug or make drunk and sent to seas as a sailor; to trick into performing unpleasant task..(نشو پياري يا مدھوش ڪري) ملاح بنائڻ، اڻوڻندڙ ڪم ورائڻ، انھيءَ سان خير ڪم وٺڻ.

shanghai [2] (سنگائي) **n & vt.** a catapult; to shoot with a shanghai. ڪاناٽي، گليلي، ڪاناٽيءَ يا گليليءَ سان چٽڻ.

Shangrila (شنگريلا) **n** an imaginary pass in the Himalayas, an earthly paradise, any remote or imaginary paradise. ھماليہ ۽ تبتي جبلن ۾ ھڪ خوبصورت خيالي لڪ يا زمين تي بھشت، بھشت جي باغن جھڙو سھڻو علائقو جيئن پاڪستان جي شھر اسڪردو ۾ ھڪ تبتي صورت جو شانگريلا ھوٽل، پراڻھون خيالي علائقو جيڪو بھشت جھڙو ھجي.

shank (شئنڪ) **n, vi & vt.** the leg from knee to foot; the corresponding part in other vertebrates; the shin-bone; the lower part of the foreleg, esp as a cut of meat; a shaft, stem, straight or long part; the part of a shoe connecting sole with heel; the leg of a stocking; a long-handled ladle for molten metal; an act of shaking a golfball; the end, latter part; to be affected with disease of the footstalk; to take to one's legs; to dispatch unceremoniously; to strike the ball by mistake with the part of the club where the clubhead meets the shaft (golf). ٽنگ، گوڏي کان پير تائين ھڏائين نري، اڳئين ٽنگھہ جي نري يا پني، دستو، ڳني، ڏانڊي، ڏانڊ، جانور جي اڳينءَ ٽنگھہ جو گوڏي کان ونئي کر وارو ٽنگھہ جو

ميٺون حصو، ڍڳهو ۽ سڌو حصو، بوٽ جو تري کي ڳري ۽ سان ملائڻ وارو حصو. گولف بال کي لوڏڻ. پويون حصو. بيماري ۽ جوائر. ڊوڙڻ. پڇڻ. لنگن کان ڪم وٺڻ. ٽڪڙ ۾ موڪلڻ. ڪڏي چلڻ. گولف بال کي غلط ڌڪ هڻڻ.

shanny (شني) n the smooth blenny, a small marine fish found in inshore waters and rock pools.هڪ ننڍڙي سامونڊي مڇي.

shantung (شنٽنگ) n a plain rough cloth of wild silk; a similar cotton or rayon fabric (China).جهنگلي ريشم جو کهرو ڪپڙو، نيٽران يا سٽ جو کهرو ڪپڙو، بافتو.

shanty[1] (شنٽي) n a roughly built hut; a hut or ramshackle dwelling; a rough public house or a place selling alcohol illicitly..معمولي جهوپڙي، لانڍي، پونگي،چنو، چن، چؤنرو، غيرقانوني طور شراب وڪڻڻ گهر.

shanty[2] or **shantey** (شنٽي) n a rhythmical song with chorus and solo verses sung by sailors while heaving at the capstan.خلاصين جو سمنڊ تي ڪم دوران ڳائڻ وارو گيت، مير بحرن جو گيت.

shantyman (شنٽي مئن) n a man, esp a logger, who lives in a shanty; the solo-singer in shanties.جهوپڙي ۾ رهڻ وارو، غريب، مسڪين، جهوپڙي ۾ واسي. ڳائڻ وارو (اڪيلو) خلاصي.

shantytown (شنٽي ٽائون) n a town, or an area of one, where housing is makeshift and ramshackle.ڪچي آبادي، پهراڙي، ڳوٺڙو.

shape (شيپ) vt & vi. to form; to adjust; to fashion; to mould into a particular shape or form; to give form to; to embody; to plan, devise; to direct; to determine; to purpose; to take shape; to develop; to give promising signs; to conduce; to become fit; form; figure; disposition in shape; guise; form or condition; that which has form or figure; an apparition; a pattern; a mould; a jelly, pudding, turned out of a mould..شڪل، شڪل ڏاهڻ، نمونو ڏاهڻ، ترتيب ڏيڻ، منصوبه بندي ڪرڻ، رٿا ڏاهڻ، گهڙڻ، بنائڻ، ڍول ڏيڻ، تجويزڻ، رٿڻ، (تي) ڏاهي بيهارڻ، خيال ۾ صورت آڻڻ، ڍول وٺي بيهڻ، قارب ۾ ڏاهڻ، سالچي مان ڪڍڻ، صورت، روپ، ڍول، گهاڙ، تراش، گهاٽ، نمونو، گهڙت، ڏاهڻ، رنگ ڍنگ، آچار، ويس، بانو، ريت، طرح، سر، قارب.

shaped (شيپڊ) adj. having a shape, or a definite, determinate, or adapted shape.شبيهه، ٺهيل ٺڪيل، گهڙيل، ڏليل، تشڪيل ڏنل.

shapeless (شيپ ليس) adj. destitute of any regular form; deformed; of ill-defined or unsatisfactory shape; without shape; purposeless..بي شڪل، بي زيبو، ڪڏيو، بي ڊولو، بي ڍنگ، ڪوجهو، بي ڍنگون، بي ڍول، بد شڪل، بي مقصد، اجايو، لسفل.

shapely (شيپلي) adj. having an attractive; well formed; well-proportioned shape or figure. خوش شڪل، نيڪ ٺيڪ شڪل وارو، سڊول، ڊولائتو، ٺاهوڪو، خوش اسلوب، خوش انداز، خوش وضع.

shapen (شيپن) fashioned; definitely shaped.ٺاهه ٺوهه وارو، باقاعده ٺهيل، شڪل، صورت، شڪل ڏيڻ، صورت بيهارڻ.

shaper (شيپر) n someone or something that shapes; (in management) a decisive, somewhat bullying leader who carries others along with his or her dynamism..جوڙ جڪ ڪندڙ، ليڊر، اڳواڻ، مصور، شڪل ڏيندڙ، سنواريندڙ، بنائيندڙ، اڳواڻي ڪندڙ.

shape tape (شيپ ٽيپ) n a music or video cassette tape in which instructions are given for a series of exercises designed to promote fitness, improve one's figure etc.اها وڊيو ڪئسٽ جنهن ۾ جسماني ورزش لاءِ اشارا هجن.

shape-up (شيپ اپ) a method of hiring worker, esp dockers, for a single day's work by selecting the number of men needed from an assembly gathered for this purpose.ڏهاڙي ڪم لاءِ مناسب ماڻهن جي مناسب انگ جي چونڊ.

shape up (شيپ اپ) to assume a shape; to develop, to be promising.منصوبو ٺاهڻ، يقين ڏهاني ڪرائڻ، ڪا صورت اختيار ڪرڻ، تيار ڪرڻ، اميدا افزا نظر اچڻ.

sharawaggi or **sharawadgi** (شرا واجي) n (in design or architecture) the use of irregularity, discordance or incongruity for deliberate, artful, contrastive effect.معماري ۽ جو طريقو جنهن ۾ مختلف نمونن سان سونهن ۽ ٻيهڪ ڏئي سگهجي.

shard[1] (شارڊ) n a piece of cow dung. ڇيڻو، ڳانو ڇيڻو.

shard[2] or **sherd** (شارڊ) n a gap; a boundary water; a scarp, broken piece of pottery..وڇوٽي، وٿي، ٺيڪرانو، ٺڪري، ٺڪر، ٺاٺي يا ڪسي.

shard[3] (شارڊ) n a tough or hard sheath or shell, such as a beetle's wing case.سخت خول، ٽنڊڻ جي کل، آلي جي کل.

shard-beetle (شارڊ بيٽل) n a dor beetle, laying its eggs in cow dung.ٽنڊڻي جيڪا ڇيڻي ۾ آنا لاهي، ٽنڊڻ، ڇيڻي وارو ٽنڊڻ.

shard-borne (شارڊ بورن) adj. born in dung; later used as meaning borne on elytra.ڇيڻي ۾ ڄاول، ڇيڻي ۾ پليل ٽنڊڻ.

sharded (شارڊيڊ) adj. sheltered under dung.ڇيڻي هيٺان.

ويتل.

share[1] (شيئر) **n, vt & vi.** a part allotted, contributed, bestowed, owned or taken; a part cut of; a division, section, portion; a fixed and indivisible section of the capital of a company; to divide into shares; to apportion; to give or take a share of; to participate in; to have in common; to have, receive or give a share. حصو، بخرو، پتي، ڀاڱو، ورڇ، ڦاڏڻي، ونڊ، ورهاڱو، ڦانڊو، بٽشي، ڀڪو، ونڊڻ، وانو، ونڊي، وانڊ، ٽڪ، چاندو، ڦور، بهرو، حصا ڪرڻ، ورهائي پتيون ڪرڻ، ورچڻ، حصا ڪرڻ.

share[2] (شيئر) **n & vt.** a ploughshare, or the corresponding part of another implement; to cut, cleave ڳهوبو، ڦار، چوني، ورهائڻ، جدا ڪرڻ.

share bone (شيئر بون) **n** the pubis. نهائيءَ وارو هڏو.

share-broker (شيئر بروڪر) **n.** a dealer in the shares and securities of joint-stock companies and the like. ڪاروباري ۽ صنعتي ادارن ۾ سيڙپ ڪاري ڪرڻ وارو ڀلاولو. ڪمپنيءَ جي حصن جو دلال.

share capital (شيئر ڪئپيٽل) **n** money derived from the sale of shares in a business and used for carrying it on. حصن يا شيئرز جي وڪري مان حاصل ڪيل موڙي.

share certificate (شيئر سرٽيفڪيٽ) **n** a certificate issued to a shareholder by a company indicating ownership of its shares. حصن جي خريد جي سند.

share cropper (شيئر ڪراپر) **n** a tenant farmer who supplies, in lieu of rent, a share of the crop. هاري، ونڊير، حصيدار هاري، ڀائيواريءَ وارو ڪڙمي، شراڪتي پوک ڪندڙ.

shared logic (شيئرڊ لاجڪ) **n** (comput) shared facility in which the central processing unit is shared by several terminals. (ڪمپيوٽر جو) نظام جنهن ۾ هڪ مرڪزي ڪمپيوٽر يا سرور وسيلي مختلف جڳهين تي ڪم ڪري سگهجي.

shared ownership (شيئرڊ اونرشپ) **n** a type of house ownership shared between the householder and a housing association. مالڪاڻو حصو، گڏيل ملڪيت، شراڪتي ملڪيت.

share-farmer (شيئر فارمر) **n** a tenant farmer who pays a share of the proceeds as rent. هاري، شراڪتي هاري يا ڪڙمي، حصيدار هاري، حصيداري رکندڙ ڪڙمي.

share holder (شيئر هولڊر) **n** one who owns a share or shares, esp in a joint property or company. حصيدار، پتيدار، ڀائيوار، ڀاڱي ڀائيوار، ڀاڱيوار، پتي، شراڪتي، شريڪ.

share index (شيئر انڊيڪس) **n** an index showing the movement of shares in companies trading on a stock exchange. حصن جي اگهه جو هيٺ مٿي ٿيڻ جو ماڻ.

shareman or **sharesman** (شيئر مئن يا شيئرس مئن) **n** a fisherman who shares profits with the owners. مهاڻو جيڪو (ٻيڙيءَ جي) مالڪ کي حاصل ٿيل رقم مان حصو ڏئي.

share milker (شيئر ملڪر) **n** a sharefarmer on a dairy farm. حصيدار ڪڙمي جيڪو مال جي فارم ۾ ڪم ڪري، اپت ۾ ڀائيوار ڪڙمي يا مزدور.

share option (شيئر آپشن) **n** a scheme enabling employees to buy shares in their company at less than the market rate. ڪمپنيءَ جي ملازمن لاءِ حصا يا شيئرز خريد ڪرڻ جي سهولت.

share out (شيئر آئوٽ) **n** a distribution in or by shares. حصن ۾ ورهائڻ، حصا پتيون ڪرڻ، ڦاڏڻي ڪرڻ.

share-pusher (شيئرپشر) **n** a person who seeks to sell shares otherwise than through recognized channels, by dubious advertisement. مشڪوڪ طريقي سان حصا يا شيئر وڪڻڻ وارو.

sharer (شيئرر) **n.** one who shares. حصو، پائيوار، ونڊيندڙ، ونڊڻ، ڀاڱي ڀائيوار ٿيندڙ، شامل ٿيندڙ، حصيدار، پتيدار.

share shop (شئير شاپ) **n** a shop or special area in a bank, where shares are traded quickly and informally without investment advice. بئنڪ جو اهو ڪمرو جتي حصن يا شيئرز جو واپار بغير صلاح ولڻ جي ٿئي.

share ware (شيئر ويئر) **n** (comput) software readily available for a nominal fee. ڪمپيوٽر جي استعمال وارو سامان جيڪو مسواڙ تي وٺي استعمال ڪجي.

shark (شارڪ) **n, vt & vi.** a general name for elasmobranchs other than skates, rays, and chimaeras, voracious fishes with a fusiform body, lateral gill-silts, and a mouth on the upper side; sometimes confined to the larger kinds, excluding the dog-fishes; an extortioner; a financial swindler; an unscrupulous person; an underhand or predatory dealer; a sharper; to obtain by swindling. شارڪ مڇي، منگرو مڇي، جرڪو مڇي، سگ ماهي، بحري واڳهه، هڪ خونخوار يا گوشت خور مڇي، مختلف قسم جي هڏائين پيري وارين مڇين جو خاندان جن کي خطرناڪ ڪري سمجهيو ويندو آهي، عيار، دغاباز، ڦورو، ڌوپائي، مڪار، فريبي، ٺڳ، ٺڳيءَ رستي حاصل ڪرڻ، ڪسڪائڻ، ڦرڻ، ٺڳلائي وجڻ، ڪسڪائي وجڻ.

shark oil (شارڪ آئل) **n.** oil from shark's liver, used like cod-liver oil. مانگر مڇ جو تيل، شارڪ مڇيءَ جو تيل.

shark patrol (شارڪ پئترول) **n** a regular patrol of the waters close to bathing beaches by boats, aircraft, to look for sharks. مانگر مڇ يا شارڪ مڇيءَ کان بچاءَ لاءِ خبردار ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيل چوڪيدار.

shark skin (شارڪ اسڪن) **n** a woollen or worsted suit-

ing in twil weave; a heavy rayon material with dull finish; shagreen.اولي يا سوٽي لسو ڪپڙو، ترڪشو ڪپڙو.

shark sucker (شارڪ سڪر) **n** a remora.هڪ قسم جي طفيلي مڇي جيڪا شارڪ يا منگري جي جسم تي چنبڙيل هوندي آهي.

sharn (شارن) **n** cow dung or dung generally.ڇيڻو، ڳانئو. ڇيڻو.

sharny peat (شارني پيٽ) **n** a cake of cow dung mixed with coal. ڪوئلي ۽ ڇيڻي مان ٺهيل ڪڙ.

sharon fruit (شئرن فروٽ) **n** a persimmon. آمريڪي ڪتل.

sharp (شارپ) **adj, adv., n, vt. & vi.** cutting; piercing; penetrating; acute; having a very thin edge or fine point; affecting the senses as if pointed or cutting; severe; harsh; keen; abrupt; shrewed; acid; shrill; fierce; eager; hungry; alive to one's own interests; barely honest; of keen or quick perception; alert; fit, able; pungent, sarcastic; brisk; having abrupt or acute corners; sudden in onset; clear-cut; unblurred; well-defined; stylish; too dressy, overly smart or fashionable in dress; high in pitch or too high; raised a semitone; voiceless; high or too high in pitch; punctually, precisely; sharply; a note raised a semitone; the symbol for it; the key producing it; sharpness; a long slender needle; a small sword or duelling-sword; hard parts of wheat, middlings; sword-fighting in earnest; a sharper; to sharpen..تيز ڌار، نوڪ دار، حساس، منتظر، تيز. تکو، نوڪيلو، نوڪدار، ڌاري دار، چيندڙ، چهنبيءَ وارو، سخت (بيمار)، تند (مزاج)، اوچتو ڦيرو يا وڪڙ. تيز (موسيقي)، تيز فهم، هوشيار، سياڻو، سيبتو، سمجهو، چالاڪ، چست، چرڪند، سٺوپرو، پڪو، چوڪس، اڏلو (خيال)، حرفتي، تريناڪ، سخت، اُستاد، چالاڪي، حرفت بازي، وقت تي ايندڙ، وعدي جو پڪو، قوت وارو، صحت مند، جوهه وارو، طعني وارو، طعنائتو، لوڪائتو، اوچتو، اُڀرو، آيو، اُيڪپرو، ايڪندو، جلدي ڦهه ڪندڙ، فيشني، پوشاڪي، نشئي، تيز چهنب واري سئي، مقابلي واري ننڍي تلوار، نيمچو، ڪڻڪ جو سخت حصو، تهه، تلوار بازيءَ جو مقابلو، ٺڳ، اٺڪلي، دغاباز، ڏي وٺ ۾ سخت، مطالبي تي قائم رهندڙ، تيز ڪرڻ، تکو ڪرڻ.

sharpen (شارپن) **vt.** to make sharp or sharper; to whet; to become sharp. تکو ڪرڻ، لائڻ، ڪِلڪائڻ، تکو ٿيڻ، تيز ٿيڻ.

sharpener (شارپنر) **n.** one who or that which sharpens; a tool for sharpening. سانچو، پينسل جو گورو ڪڍڻ وارو اوزار، تکو ڪندڙ، تيز ڪندڙ، قلم تراش.

sharper (شارپر) **n** a tricky fellow; a cheat or hoaxer, esp someone who cheats at cards.عيار، دغاباز، پتن ۾ ٺڳي ڪرڻ وارو، ڪدير، ڌوپائي، ٺڳ.

sharp-ground (شارپ گرائونڊ) **adj.** ground to a sharp edge.تيز ڌار ڪيلَ، گهه ڏئي تکو ڪيل، ڪلڪائڻ، لائڻ، تکو ڪرڻ.

sharpie (شارپي) **n** a flat-bottomed, two-masted vessel with triangular sails, one of a set of stylisbly dressed teenagers. سڌي تري واري ٻيڙي، ٻولڊي ٻيڙي.

sharpness (شارپنيس) **n.** keenness; pungency; acuteness. تيزائي، تکائي، تکاڻ، شدت، ڌار.

sharp-looking (شارپ لڪنگ) **adj.** hungry-looking.بکيو. بکايل نظر ايندڙ.

sharp-nosed (شارپ نوزڊ) **adj.** having a pointed nose; with a keen sense of smell.چهنبياري نڪ وارو، جنهن ۾ سنگهڻ جي حس تيز هجي.

sharp practice (شارپ پرئڪٽس) **n** unscrupulous dealing, verging on dishonesty..بي ايمانيءَ طرف مائل، ٺڳ، ٺپائي، ڌوپائي، گدي ڪندڙ، چالاڪي، حرفت.

sharp-set (شارپ سيٽ) **adj.** hungry; keen in appetite for anything, esp food or sexual indulgence; (of a tool) set with a sharp edge.بکيو (خوراڪ جو يا جنس جو) تيز چهنب وارو، تکو، تيز.

sharp-shod (شارپ شاڊ) **adj.** (of a horse) having spikes in the shoes to prevent slipping.سنب ۾ نال لڳل گهوڙو.

sharp shooter (شارپ شوٽر) **n** an expert marksman; a soldier, policeman, employed as a marksman; someone with a talent for scoring in any sport.پڪو نشاني باز، نشانچي، چيتو.

sharp-sighted (شارپ سائيٽيڊ) **adj.** having quick or acute sight; shrewd..پختو، پڪو، نظر جو تيز، هوشيار، چالاڪ، چست، چالاڪيءَ جو، حوصلائتو، عقلمند.

sharp-tailed grouse (شارپ ٽيلڊ گرائوز) **n** a grouse of western Canada and US whose middle tail-feathers are longer than the rest.اتر آمريڪا ۽ ڪئناڊا جو تتر جي جنس جو پکي، آمريڪي ٻاٽيڙ يا ٻنيهر، برفاني ڏکوش تتر.

sharp-tongued (شارپ ٽنگڊ) **adj.** critical, sarcastic, harsh in speech..نقاد، بدگفتار، زبان جوڪنو، گارير، لوڪباز، راهزن.

sharp-witted (شارپ وٽيڊ) **adj.** having an alert intelligence, wit or perception..هوشيار، تيز، سمجهه وارو، سياڻو، سمجهو، قابل، زيرڪ، ذهين، سجاڻ، عاقل، دانشمند، فهمي.

Shar-Pei (شر پَي اِي) **n** a large muscular dog of a Chinese breed, with a distinctive wrinkled nose

(Chin). هڪ چيني ڪتو.

shash (شاش شش) noisy interference (to a sound or picture signal). آواز بر گوڙشور، تصوير بر خرابيءَ ڪري گوڙ.

shashlik or shashlick (ششلڪ) **n** a type of lamb kebab (Russ).ٻاڪري يا رڍي گوشت جا ڪباب. گوشت جا ڪباب.

Shasta daisy (شاستا ڊيزي) **n** a composite flowering plant, with large, yellow-centred, white daisylike flowers..هڪ گل دار ٻوٽو جنهن جي گل جو وچ پيلو ٿيندو آهي. گل مرواريد جهڙن گلن وارو ٻوٽو.

shaster or shastra (شاستر يا شاسترا) **n** a holy writing (Sans). شاستر، پوتر ڪتاب، مذهبي ڪتاب، پاڪ، پوٿي.

shatter (شٽر) **vt, vi & n.** to scatter; to dash to pieces; to wreck; to overthrow or destroy; to break into many fragments; a fragment; an impaired state.ذرا ذرا ڪرڻ پوري چڙهڻ، پرزا پرزا ڪرڻ، چڪنا چور ٿيڻ، اميدون ٽوڙڻ، درهم برهم ڪرڻ، چيٿيون چيٿيون ڪرڻ، ڊاهي ڇڏڻ، ٻڳل حالت بر، خراب ٿيل، ڇاڻو، ڇڻڻ، پڪڙڻ، ٽوڙڻ، تباهه ڪرڻ، برباد ڪرڻ، ٽڪرن بر ورهائڻ، ٽڪرن بر ورهايل، بيڪاريءَ واري حالت بر.

shattered (شٽرڊ) **adj,** exhausted; extremely upset. ٿڪل، تمام پريشان، ٻڳل، ٽٽل، حيران، هڄيل.

shattery (شٽري) **adj.** easily shattered; loose of texture; brittle. ڀُر ڀُرو، ڀرندڙ، ڪاڪئون.

shauchle (شاهل شاشل) **vi, vt & n.** to shuffle; to put out of shape or make down-at-heel; a shuffling gait; a down-at-heal shoe.ملائڻ، ڳڙڻ، خراب ڪرڻ، شڪل صورت بگاڙڻ، بدصورت ڪرڻ، هڪ قسم جي چال، شوهه جو قسم، بوٽ جو قسم.

shave (شيو) **vt, vi & n.** to scrape or pare off a superficial slice, hair, or other surface material from; to cut off thin slices from; to skim along; to fleece; to tonsure; to remove by scraping or paring; to pare closely; to graze the surface of; to plunder, fleece; to remove hair with a razor; to pass or escape with little margin; the act or process of shaving; paring; a narrow miss or escape; a paring or slicing tool.ڪوڙڻ، ڪانڻ، مُنڻ، منڊڻ، (ڪاٽ) ڇلڻ، گهنڊي ڏيڻ، تراشڻ، سنوارڻ، حجامت ڪرڻ،ڪوڙڻ، سنوارت ڪرائڻ، چمائو گهڪو، گهي لاهڻ، صفا ڪرڻ، ڪرڙڻ، ڪرڙي يا رندو هڻي صاف ڪرڻ، لوڙهو ٿيڻ، ڦري ڦوڳو ڪرڻ، برباد ڪرڻ، تباهه ڪرڻ، لٽ ڦُر ڪرڻ، وار ڪوڙڻ، (جانور جي کل جا) وار لاهڻ، ڏاس يا پشم لاهڻ، پاڪيءَ سان صاف ڪرڻ، ٿوري تان بچي وڃڻ، ترتان بچڻ، ٿوري تان بچاءُ، رندو هڻڻ، رندو.

shaveling (شيولنگ) **n** a man shaved; a tonsured clerk. ڪليسائي لوڙهو ڪلارڪ، چتي ڪوڙيل مذهبي ماڻهو.

shaven (شيون) **adj.** shaved; tonsured; close-cut; smoothed.ڪوڙيل، لوڙهو، متي تي چتي ڪيل، مشين سان سنهو ڪوڙيل، لسو ڪيل.

shaver (شيور) **n** one who shaves; an electric razor; a barber; one who fleeces; a sharp or extortionate dealer; a chap, a wag; a fellow; a youngster..حجم، نائي پاڪي، ٺڳون ننڍو، لوّ عمر، چوڪرات، لٽيرو، ڦورو، وار تراش، وار ڪوڙيندڙ، انسان، جانورن ۾ پکين يا ننڍا ٻچا.

shaving (شيونگ) **n** act of scraping or using a razor; a thin slice peered off, esp a curled piece of wood planed off..پاڪي استعمال ڪرڻ، سنهڙو تهه، سنهڙو ڪترو، ٻيرو، رندي سان لاٿل ڪاٺيءَ جو ڇلر.

shaving-brush (شيونگ برش) **n** a brush for lathering the face before shaving..صابڻ سان ڦيڻ ڪرڻ وارو برش. ڏاڙهي لاهڻ وارو برش.

shaving-soap (شيونگ سوپ) **n** soap for lathering in preparation for shaving.(ڪوڙڻ کان اڳ) ڦيڻ ڪرڻ وارو صابڻ.

shaving-stick (شيونگ اسٽڪ) **n** a cylindrical piece of shaving-soap. ڊگهو صابڻ جنهن مان گجي يا ڦيڻ ٺاهي وڃي.

Shavian (شاوين) **adj. & n.** pertaining to the dramatist George Bernard Shaw; a follower or admirer of Shaw. برنارڊ شا متعلق، برنارڊ شا جو پوئلڳ يا قدردان.

shaw (شا) **n** a grove or thicket; the above-ground parts of a potato plant, turnip; show, appearance, display.جهڳٽو، ڇڳو، مچو، جهمٽ، هڙهي، وٿڪار، پٽالي جي ٻوٽي جا زمين جي مٿان وارا حصا، پٽاٽي جو ٻوٽو، سنهون جهنگ، ٻاڙن واري فصل جا پن وارا حصا، کولي ڏيکارڻ.

shawl (شال) **n & vt.** a loose knitted or other covering for the shoulders; an article of dress; wrapping a baby in; to wrap in a shawl..شال، لوئي، چادر، دوشالو، رومال، اوڍڻي، چادر يا شال اوڍڻ، ويڙهڻ.

shawlie or shawley (شالي) **n** a working woman, esp a fisherwoman, who habitually wears a shawl.(شال اوڍيل) مهاڻي، مير بحر ياڻي، ڪم ڪندڙ عورت.

shawl collar (شال ڪالر) **n** a large rolled collar tapering from the neck to near the waistline.ڪالر گلوبند، ويڪرو ۽ جهالر دار ڪالر.

shawl pattern (شال پيٽرن) **n** the pine-cone pattern used on Kashmir shawls and imitated on Paisley shawls in the 19c.شال وارا ڇِٽَ يا گل ڪاري، ڪشميري شال تي ڪيل پرت جو نمونو.

shawl waistcoat (شال ويسٽ ڪوٽ) **n** a waistcoat with a large-prominent pattern like that of an oriental or Paisley shawl.واسڪوٽ جنهن تي شال وانگر ڇٽ يا گل ڪاري.

ٽيل هجي، پريل يا پرت واري ڪوٺي.

shawm or **shalm** (شام) **n** a musical instrument, a predecessor of the oboe, having a double reed and a flat circular piece against which the lips are rested. بانسري، بين، الغوزو.

Shawnee (شاني) **n** a N American Indian of an Algonquin tribe now mostly in Oklahoma; the language of this tribe.شمالي يا اتر آمريڪي هندي يا اسلوڪا مالهو ۽ انهن باشندن جي زبان يا ٻولي.

shchi or **shtchi** (شچي) **n** cabbage soup (Russ).بند گوبيءَ جو سوپ يا يخني، شوروو.

she (شي) **nominative pron.** the female or a thing spoken of as female; named before, indicated, or understood, as a female. هيءَ، هوءَ، خاتون، ضمير اشارو، واحد مؤنث.

shea (شي) **n** an Asian and African tree whose seeds yield shea-butter, used as a food and in soap manufacture.آفريڪي وڻ جنهن جي ٻج مان سڻڀ ملندو آهي (جيڪو غذائي شين، صابڻ وغيره ٺاهڻ ۾ استعمال ٿيندو آهي).

sheading (شيڊنگ) **n** one of the six divisions or districts of the Isle of Man.آئل آف مئن جا ڇهه پرڳڻا جنهن مان هر هڪ کي شيڊنگ چئبو آهي.

sheaf[1] (شيف) **n** a bundle of things bound side by side, esp stalks of wheat or corn; a bundle of papers; a bundle of arrows..پري، (جئن) ڪڙٻ جو بند، ڳڏو، موڙي، ڳنڍڙي، ڪهڙي، پنن جو بنڊل، تيرن جو ڳٿو.

sheaf[2] or **sheave** (شيف يا شيو) **vt & vi.** to bind in sheaves; to make into sheaves..بند ٻڌڻ، موڙيون ٺاهڻ، بنڊل ٺاهڻ، ڳنڍڙين وانگر ڪرڻ.

sheal, sheel, shiel, or **shill** (شيل) **vt.** to shell or husk. ڇڙهڻ، توتڙ لاهڻ، ڇلڪا لاهڻ، تهه يا کل لاهڻ.

shear (شيئر) **vt & vi.** to cut, or clip, esp with shears; to clip the wool from; to cut superfluous nap from; to achieve or make by cutting; to tonsure; to reap with a sickle; to subject to a shear; to strip, fleece; to separate; to cut; to penetrate; to reap with a sickle; metal-cutting; a shearing or clipping; a strain, stress or deformation in which parallel planes remain parallel, but more parallel to themselves.ڪترڻ، ڪٽڻ، ڦوڙهو ڪرڻ، ڇانگڻ، رڍجي اُن ڪترڻ، ڦري فقير ڪرڻ، ڪپي يا ڪتري حاصل ڪرڻ (اُن يا پشم)، مٿي کي پاڪي ڏيڻ، لڪ ڪرڻ، ڏاٽي سان لڻڻ، قينچيءَ جي حوالي ڪرڻ، اُن لاهڻ، پشم ڪوڙڻ، جدا ڪرڻ، الڳ ڪرڻ، ڪپي يا ڪوري لاهڻ، چيرڻ، اندر داخل ڪرڻ، لابارو ڪرڻ، لابارو، اهڙي حالت جنهن ۾ ٻه ليڪون هڪ ٻئي جي اثر هيٺ ليڊيون ٿين پر سندن هڪ ٻئي کان مفاصلو ساڳيو رهي.

shearer(شيئر) **n** one who shears sheep; a reaper.جيڪو رڍن جي اُن ڪتري، ڪترينڌڙ، ڪاتر ڪندڙ، ڇانگيندڙ، لابارو وجهندڙ.

shear force (شيئر فورس) **n** a force that tends to cause sliding of adjacent layers relative to each other, in a material. ڪترينڌڙ ياميڙيندڙ زور، ڪٽيندڙ اثر يا قوت.

shear hog (شيئر هاگ) **n** a shearling.اها رڍ جنهن جي اُن پهريون ڀيرو ڪتريل هجي.

shearing (شيئرنگ) **n.** the act of shearing; the result of the operation of clipping. (رڍ جي) اُن ڪترڻ، ڪٽڻ، ڇانگڻ، ڪتر، ڪترائي، ڪاتر.

shearing shed (شيئرنگ شيڊ) **n** a building in which sheep are shorn, esp one specially equipped with several power-driven shears, shearing platforms and wool-baling machines.. رڍن جي اُن ڪترڻ واري جڳهه.

shearling (شيئرلنگ) **n** a sheep that has been shorn for the first time; the fleece of such a sheep usu of inferior quality..اها رڍ جنهن جي اُن پهريون ڀيرو ڪتري وڃي، پهرئين سال واري اُن واري رڍ، ننڍي رڍ، ڳهيٽي، اورپ، هڪ سالي رڍ.

shear-man (شيئر مين) **n** a textile worker or shears superfluous nap from cloth.ڪپڙي مٿان اجايا ڌاڳا ڪپڻ وارو مزدور يا ڪاريگر.

shears (شيئرس) **n pl.** scissors; a large pair of clippers, or any scissor like cutting instrument, with a pivot or spring; a hoisting apparatus..قينچي، ڪتر مقراض، باغباني قينچي، ٻوٽي ڇري.

shear-steel (شيئر اسٽيل) **n** steel prepared from bars of common steel, heated, beaten together and drawn out. فولاد جنهن مان قينچي ٺاهجي.

shearwater (شيئر واٽر) **n** a seabird of the genus Puffinus, related to the petrels, that skims the water when flying low..پکي جيڪو پاڻيءَ جي سطح تي اڏامي، ڪيناڻي پکي، ٽيوب يا نلڪي نڪ پکي، پاڻي چيريندڙ پکي.

shear zones (شيئر زونس) **n** bands in metamorphic rocks consisting of crushed and brecciated material and many parallel fractures. تهه دار جابلو سطح.

sheatfish of **sheathfish** (شيٽ يا شيٿ فش) **n** the wels, a large fish (silurus glanis, the American catfish) introduced into European rivers; any related fish (Ger).مٺي پاڻيءَ جي وڏي مڇي، آمريڪي ڪڳي يا ڇرڪي جهڙي مڇي.

sheath (شيٿ) **n.** a case for a sword or blade; a scabbard; a close-fitting (esp tubular or long) covered; a woman's close-fitting tubular dress; a clasping leaf-base, or any similar protective structure; a wing-case of an insect; a contraceptive device for men; a condom.ميان، غلاف، پردو، پوش، کپ، زناني تنگ پوشاڪ، پن جو ڏانديءَ سان مليل يا جڙيل حصو، پکيءَ جو پرن وارو حصو، مرداني عضوي تي چاڙهڻ وارو غلاف يا ڦوڪڻو.

sheath bill (شيٿ بل) **n** either of two Antarctic seabirds having a white plumage and a horny sheath at the base of the bill.سامونڊي ڪينائي پکي جن جا پر اڇا ۽ چهنب جي هيٺان ڪنداٺون غلافي پردو آهي، ڏکڻ آفريڪا ۽ ڏکڻ قطب جو اڇو برفاني ڪڪڙ، غلافي چهنب پکي، مياڻ چهنب پکي.

sheathe (شيڌ) **vt.** to put into or cover with a sheath or casing; to protect by sheathing. ميان ۾ وجهڻ، غلاف چاڙهڻ، پوش ۾ بند ڪرڻ، ڍڪڻ، مياڻ ڪرڻ.

sheathed (شيڌڊ) **adj.** having, or enclosed in, a sheath; covered with sheathing. مياڻ پيل، غلاف ۾ پيل، پوش سان ڍڪيل.

sheathing (شيڌنگ) **n** act of one who sheathes; casing; the covering of a ship's bottom.. ڍڪ، چادر، سامونڊي جهاز جي تري کي ڍڪيندڙ مادو.

sheath knife (شيٿ نائيف) **n** a knife encased in a sheath.چاقو جيڪو ڍڪ ۾ پيل هجي، ڍڪ وارو چاقو، غلاف اندر پيل چاقو.

sheath-winged (شيٿ ونگڊ) **adj.** coleopterous..غلافي پر، غلافي بازو، غلافي پردار جيت، ڏنڊڻ.

sheathy (شيٿي) **adj.** sheathlike..مياڻ وانگر، غلاف جهڙو، پوش وانگر.

sheave (شيو) **n** a shive slice, slab; a small grooved wheel, pulley-wheel; a fragment; a speck, particle or impurity, as in paper..چرخي، چرخيءَ جو ڦيٿو، گرو، رود، چرخيءَ جو ڦيرو، ٽڪر، حصو، نشان، داغ، پني ۾ داغ يا نشان.

shebang (شي بئنگ) **n** a room, house, shop, hut; a vehicle; affair, matter, esp in the phrase the whole shebang..ڪمرو، گهر، دڪان، جهوپڙي، جاءِ، شيءِ، معاملو، مسئلو.

Shebat (شي بٽ) **n** the fifth Jewish month, parts of January and February (Heb).يهودين جي سال جو پنجون مهينو، عبراني سال جو پنجون مهينو.

shebeen (شيبين) **n** an unlicenced liquor shop; (in Ireland) illicit, usu home-made, alcohol; to keep shebeen. ناجائز شراب خانو، گهر ۾ تيار ڪيل شراب وڪڻڻ جو گتو، غير قانوني گتو هلائڻ.

shed[1] (شيڊ) **vt, vi & adj.** to part, separate; to throw off; to cast off; to give, give away; to drop; to emit; to pour forth; to cast, throw light; to impart; to cause effusion of; to spill; to besprinkle to fall off; to disperse; a parting; cast; split, emitted..ڪيرائڻ، جدا ٿيڻ، ڦٽو ڪرڻ، ڏئي ڇڏڻ، روشني وجهڻ، ڍڪ ڇڏڻ، وهڻ، ڳارڻ، ڌڻ يا ولر کان هڪ يا ڪجهه جانور ڌار ڪرڻ، چالڻ، چاچو، (رت) وهائڻ، هارڻ، (پن) ڇاڻڻ، (کل) لاهڻ، پارو ڏيڻ، ڪرڻ، ڦٽو ڪرڻ، جدا ڪرڻ، تيزي ڇڏڻ، الڳ الڳ ڪرڻ، ڪنڌيڙي ڇڏڻ.

shed[2] (شيڊ) **n** a large open structure, often open-fronted, for storing or shelter; an outhouse.عمارت جيڪا مهاڙيءَ کان کليل هجي، ڇپر، وٿاڻ، واڙو، منهن، ڇاپرو، ڇنو، لانڍي، ڇن، ڇپر، آجهو.

shedder (شيڊر) **n** one who or a thing that sheds; an animal that moults or casts hair; a female salmon or the like after spawning; a person who milks cows in a milking shed..چاڻڻ وارو، چاڻو، ڪيرائڻ وارو، (جانور) جيڪو وار ڇاڻي، جيئن پارلهن سگا هرڻ ۽ ڦاڙها جيڪي پنهن جا سڱ هر سال ڪيرائيندا آهن يا مور پکي جيڪو پنهن جي پڇ جا وڏا پر يا ڪنپ ڪيرائيندو رهندو آهي، سامن مادي مڇي (آنا لاهڻ کانپوءِ)، کير ڏهڻ وارو.

sheen (شين) **n, adj. & vi.** brightness; splendour; shine; lustre; radiance; a vey thin slick of oil (on water); glistening attire; beautiful; bright; shining; to shine; to gleam; to have a lustre.چمڪ، تيل جو تهه (پاڻيءَ مٿان)، تجلي، جلوو، نور، چمڪات، چمڪو، چمڪندڙ، چلڪندڙ، تجلو، چلڪو.

sheeny[1] (شيني) **adj.** bright; shining; fair; lustrous; glistening..چمڪدار، تجلي دار، چمڪندڙ، روشن، ڀڪندڙ، جلويدار، نوردار.

sheeny[2] (شيني) **n & adj.** a Jew; a pawnbroker; Jewish; fraudulent; (of money) base..يهودي، ٺڳي ڪندڙ، ڪريل، شيون گروي رکندڙ، وياج تي رقم ڏيندڙ، (ناڻو) ڪوڙو، نقلي.

sheep (شيپ) **n** a beardless, woolly, wild or domestic ruminant animal of the goat family; the skin of such an animal, with or without the woolly coat; a silly or timid fellow; one who is like a sheep, in being a member of a flock or congregation, a creature that follows meekly, is at the mercy of the wolf or the shearer, displays tameness of spirit etc..رڍ، دلبو، ٻيرو، رڍون، گهيٽو، پنهو، ريڊو مال، رڍ جهڙو ماڻهو، رڍون پاليندڙ، مجموعي ۾ شامل ماڻهو، ٻين جي آسري تي رهندڙ، ڪمزور دل، بزدل، ٻڄڻو، سادو.

sheep-biter (شيپ بائيٽر) n a dog that bites or worries sheep, prob an oppressive supervisor.اهو ڪتو جيڪو رڍن کي ديڄاري رکوالي ڪري، تمام ڏکيو سنڀاليندڙ، ڪڙڪيدار.

sheep-biting (شيپ بائيٽنگ) **adj.** given to biting sheep; sneaking, thieving.رڍن کي سنڀاليندڙ يا چڪيندڙ ڪتو، لڪي چوري ڪندڙ، چپي ڦريندڙ.

sheep cote (شيپ ڪوٽ) n a small enclosure for sheep; a pen. رڍن جو واڙو، ريڍي مال جو واڙو، ريڍو وٿاڻ.

sheep-dip (شيپ ڊپ) n a disinfectant insecticidal preparation used in washing sheep; a place for dipping sheep, specif the trough of disinfectant through which they are driven; inferior liquor.رڍن کي ڊوٺڻ واري دوا، ردي شراب، معمولي يا سادو شراب.

sheep-dog (شيپ ڊاگ) n a dog trained to watch or drive sheep, or of a breed used for that purpose; a chaperon..رڍن تي چوڪيداري ڪندڙ ڪتو، چوڪيدار، سنڀاليندڙ، نگهبان.

sheep-faced (شيپ فيسڊ) **adj.** sheepish, bashful.رڍ جهڙو، بزدل، شرميلو، ڪمزور، ڊڄڻو، سادو.

sheep-hook (شيپ هُڪ) n a shepherd's crook.ريڍار جو آڪيڙو.

sheepish (شي پش) **adj.** like a sheep; foolish; embarrassed through having done something foolish or wrong. رڍ جهڙو، ڊڄڻو، ڪمزور، بزدل، سادو، بي وقوف، ڏڏ.

sheep ked (شيپ ڪيڊ) n a wingless fly that sucks sheep's blood..رڍ جو رت چوسڻ واري مک يا چچڙ، پسون، جونءِ.

sheep-louse (شيپ لائوس) n a louse that infests sheep; loosely, a sheep ked..جونءِ جيڪا رڍ جي کل ۾ گهرڪري، چچڙ، پسون.

sheep master (شيپ ماسٽر) n an owner of sheep..ريڍار، رڍون پاليندڙ، رڍ پال.

sheep meat (شيپ ميٽ) n mutton or lamb..رڍ جو گوشت، ريڍو گوشت، دلبي جو گوشت.

sheepo (شيپو) n a farm worker or drives sheep into pens for shearing..رڍون واڙيندڙ، جيڪو رڍون واڙي، ريڍار، مال چاريندڙ يا اُن ڪتريندڙ.

sheep-plant (شيپ پلانٽ) n vegetable sheep.ڀاڄيءَ جو قسم.

sheep-pox (شيپ پاڪس) n a contagious eruptive disease of sheep, resembling smallpox.رڍ جي ماتا (بيماري)، رڍن جي ارڙي (بيماري)، رڍ جي نهايت وچڙندڙ وائرسي بيماري.

sheep-rot (شيپ راٽ) n liver rot..رڍ جي جيري جي بيماري، جيري ساڙ يا ڳار، رڍ زرقان.

sheep-run (شيپ رن) n a large tract of grazing country for sheep.رڍن لاءِ چراگاهه ڊاڍهن وچڻ لاءِ واٽ، رڍن وارو ڪشادو چراگاهه، ريڍي مال چيڙ.

sheep's-bit or **sheep's scabious**(شيپس بٽ يا شيپس اسڪئ بيس) n a companulaceous plant with blue heads resembling scabious. هڪ قسم جو ٻوٽو.

sheep scab (شيپ اسڪئب) n a mange in sheep transmitted by mites.رڍن جي ڳَرَ بيماري، رڍن جي ڊيان چڪائيندڙ بيماري.

sheep's-eyes (شيپس آئيز) n a wishful amorous look. هڪ خواهش ڀريو پيار جو انداز.

sheep's fescue (شيپس فيسڪيو) n a temperate tufted pasture grass. چراگاهه ۾ هڪ قسم جو گاهه، چراگاهي گاهه.

sheep's-foot (شيپس فٽ) n a printer's claw-hammer. ڇاپي وارن جو چنبي نما هٿوڙو.

sheep shank (شيپ شئنڪ) n a sheep's leg; something of slender importance; a nautical knot for shortening a rope.رڍ جي ٽنگ، هڪ قسم جي ڳنڍ جو رسيءَ کي ننڍو ڪري ونجي.

sheep's-head (شيپس هيڊ) n the head of a sheep, esp as food; a dolt; an American fish related to the progie..رڍ جي منڍي، رڍ جي منڍيءَ جو ٻوڙ، آمريڪي مڇيءَ جو قسم، موڳو، سست، ڪم ذهن، ڪند ذهن، احمق، بيوقوف.

sheep-silver (شيپ سلور) n money paid in commutation of some right connected with sheep.رڍ وٺڻ جو معاوضو، رڍن جي حقن جو سودو.

sheep-skin (شيپ اسڪن) n the skin of a sheep, with or without the fleece attached; an item made from it, eg a rug, horse's noseband, coat; leather or parchment prepared from it.رڍ جي کل، ريڍو چمڙو، ريڍي چمڙي مان ناهيل شيون، گاديلو وغيره.

sheep-station (شيپ اسٽيشن) n a large sheep farm.رڍن جو وڏو واڙو، رڍن جو فارم.

sheep tick (شپ ٽڪ) n strictly, a tick, a parasite of sheep (an other animals, incl man); commonly, a sheep-ked. رڍ جي مک جيڪا ان جو رت چوسي، ريڍو چچڙ.

sheep walk (شيپ واڪ) n a tract of some extent where sheep pasture; a range of pasture for sheep.رڍن لاءِ چراگاهه جون حدون، ريڍي مال جو چيڙڻ، ريڍي وس، وس يا چراگاهه واري حد جتي رڍن کي چرڻ لاءِ ڇڏيو وڃي.

sheep wash (شيپ واش) n a sheep-dip.رڍون وهنجارڻ واري دوا.

sheep-whistling (شيپ وِسلنگ) **adj.** tending sheep.رڍون پالڻ، رڍون ڏارڻ، رڍون ڪيڙڻ.

sheer[1] (شِيئر) **adj. adv. & n.** bright, clear; thin; pure;

unmingled; precipitous; mere, downright; plumb; unbroken; vertical or very nearly vertical; clear; quite; plumb-vertically; a very thin fabric. فقط، صرف، محض، بلڪل، سرا سر، نبار، لچ، نرو، نپٽ، لسورو، اپو، ايڪپرو، رڳو، الڳ، صاف، سڌو، سنهو ڪپڙو، ململ، لان، راسي، بي مسل، عمودي.

sheer² (شيئر) **vi., vt. & n.** to deviate from the proper course; to take oneself off, esp to evade something disagreeable; to swerve; to cause to deviate; a deviation; an oblique position; an upward bend of a ship at stem or stern; the fore-and-aft upward curve of a ship's deck or sides. پاڻ ٿي الڳ ڪرڻ، اڻ وڻندڙ ڪان پاسو ڪرڻ، اختلافي راهه رکڻ، منحرف ٿيڻ، رستي کان ڦرڻ، (ڪنهن سان) رستو ناتو ٽوڙي ڇڏڻ، جهاز جو مٿيون يا سطح وارو حصو.

sheer-hulk or **shear-hulk** (شيئر هلڪ) **n** an old dismantled ship with a pair of sheers mounted on it; popularly, a mere hulk. پراڻو ٽوڙيل جهاز، پراڻي جهاز جو بچيل خول يا کوکو.

sheer-leg (شيئر ليگ) **n** one of the spars of sheers; sheers. وزن چاڙهڻ لاءِ اوزار جي ڪڙي، ٽنگ، چرخيءَ جي ٽنگ.

sheers or **shears** (شيئرس) **n pl.** an apparatus for hoisting heavy weights, having legs or spars spread apart at their lower ends, and hoisting tackle at their joined tops. وڏو وزن چاڙهڻ لاءِ اوزار، پلي، چرخي.

sheet¹ (شيٽ) **n, adj, vi & vt.** a broad piece of anything; a large or broad wide expanse or thin piece of something; a large broad piece of cloth, esp for a bed, a penitent or a corpse; a piece of paper, esp large and broad; a section of a book printed on one piece of paper, a signature; as much copy as will fill a sheet; a pamphlet, broad sheet, or newspaper; a sail; a sill; sheet-rubber; one of the separate pieces or planes that make up a surface; aircraft structural material; in the form of a sheet; printed on a sheet; to wrap or cover with, or as if with a sheet; to provide with sheets; to form into sheets; to fall fast and heavily. چادر، پنو، پڙچ، آڇ، ڇڄ، دامن، منجو، پڪيل، وڏو لنگر، پچاڙيءَ جو آسرو، فرد، ڪاغذ، لوهي چادر، تختي، طاس، پرچو، اخبار، بورو، ڪتاب جو حصو (جيڪو هڪ وڏي پني تي ڇپيل هجي)، لاش، سڙهه، ربڙ جي چادر، رلدي جا مختلف حصا، هوائي جهاز جو ڍانچو ٺاهڻ وارو سامان (خاص ڪري چادرن جي صورت ۾)، اڌ پني يا پني جي چادر تي ڇاپيل، پنو ويڙهڻ، چادر ويڙهڻ، چادرون مهيا ڪرڻ، چادرن جي صورت ۾ آڻڻ، سڌو ٿي ٺهڪو ڪرڻ.

sheet² (شيٽ) **n** a rope fastened or attached to the lower corner of a sail; the part of a boat between the thwarts and the stern or bow. سڙهه جي هيٺين ڪنڊ کي ٻڌل رسو، ٻيڙيءَ جو هڪ درمياني يا وچيون حصو.

sheet-anchor (شيٽ اينڪر) **n** a large extra anchor for an emergency; a chief support; a last refuge. آخري سهارو يا پناهه، وڏيڪ لنگر جيڪو ڏکيءَ حالت ۾ استعمال ڪيو وڃي، سهارو، پناهه، چادري لنگر.

sheet bend (شيٽ بينڊ) **n** a type of knot used esp for joining ropes of different sizes. مختلف ماپن يا ٿولهه وارين رسين کي ڳنڍي ڳنڍڻ واري هڪ ڳنڍ.

sheet-feeder (شيٽ فيڊر) **n** (comput) a storage cassette that feeds single sheets of paper into a printer as required. (ڪمپيوٽر) ۾ هڪ هڪ پنو جدا ڪري ڪڍڻ يا ڇاپڻ جو نظام.

sheet-glass (شيٽ گلاس) **n** a kind of crown-glass made in a cylinder and flattened out. شيشي جي چادر، گول ڪري ٺاهيل شيشي جي چادرکي لسو ۽ سڌو ڪري بيهارڻ، چادر نما شيشو، چادرائون شيشو.

sheet lightning (شيٽ لائيٽننگ) **n** lightning appearing in wide expanded flashes. پراهين روشنيءَ جو ڌنڌ، پري کان ايندڙ کنوڻ يا وڄ جي روشني.

sheet music (شيٽ ميوزڪ) **n** music written or printed on unbound sheets. موسيقي جا الڳ الڳ ورقن تي ڇپيل هجي.

Sheffield plate (شفليڊ پليٽ) **n** a type of metalware developed in Sheffield of copper coated with silver. ٽامي تي چاندي چاڙهيل چادر.

sheikh or **sheik** (شيخ) **n** an Arab chief; a title of dignity among the Arabs; a girl's young man or ideal film hero; a Hindu convert to Islam.(Ar). شيخ، (عربن جو) سردار، وڏو، چڱو مڙس، بزرگ، ڇوڪريءَ جو وڻندڙ يا پسنديده ڪردار، نئون مسلمان ٿيل ماڻهو.

sheikha (شيخا) **n** the chief wife or consort of a sheikh; a high-class Arab lady.(Ar). شيخاڻي، شيخ جي زال، سردار جي گهر واري، خانداني عورت.

sheikhdom (شيخ ڊم) **n** a sheikh's territory (Ar). شيخ جي جوءِ يا عملداري، سردار جو علائقو.

sheila (شيلا) **n** a young girl or a woman; a white teddy girl. نوجوان ڇوڪري يا عورت، سفيد ليڊي ڇوڪري.

shekel (شيڪل) **n** an ancient Jewish weight (about 14 grams) and coin of this weight; the standard unit of currency of Israel (100 agorot); money (Heb). عبراني ماپ، يهودي حڪومت جو سڪو، اسرائيلي سڪو، پيسو.

shekinah or **shechinah** (شڪائنا) **n** the divine pres-

ence (Heb). خداوند جو وُجود يا موجود هجڻ.

shelduck (شيل ڊڪ) **n** any of various large ducks with bold black, brown and white plumage (in the breeding season) and red feet and bill. ڪابرو وڏي بدڪ. هنج، نر ڪاز، نر نيرڳي، سرخاب، اڇو هنج، للو هنج.

shelf (شيلف) **n** a board fixed horizontally along a wall, in a bookcase, cupboard, for laying things on; a shelfful; a terrace; a ledge; a shoal; a sandbank. طاق، سڌو تختو، پٽ ۾ ٿاسايل جارو، تاڪي، الماري، ديوار مان ٻاهر نڪتل ڪناري، وڪڙ، بند.

shelf-catalogue (شيلف ڪٽلاگ) **n** library catalogue arranged by shelves.. لائبريري ۾ ترتيب وار ڪتابن جي فهرست. ڪٻٽ جي حساب سان ڪتابن جو تفصيل.

shelf-ice (شيلف آئيس) **n** ice extending from the land out to sea. زمين کان سمنڊ تائين لاڳيتي پيل برف.

shelf-life (شيلف لائيف) **n** the length of time a product can be stored without deterioration occurring. (شين جو) شيلف تي ٺيڪ ٺاڪ رهڻ جو مدو، وڪري لاءِ ڪارگر هجڻ جو عرصو.

shelf-mark (شيلف مارڪ) **n** an indication on a book of its place in a library. ڪنهن ڪتاب تي لڳل لائبريريءَ جو نمبر.

shrink (شرنڪ) vi & vt. to contract spontaneously; to become smaller in size or extent; to shrivel; to wither; to dwindle; to give way; to draw back, retreat; to withdraw; to show or feel repugnance or reluctance; to recoil; to shrink-wrap; to cause to contract, shrink or dwindle; to withdraw; to fix by allowing to contract; an act of shrinking; contraction; withdrawal or recoil; a psychiatrist. سُسڻ، سوس، ڪائڻ، سڪڙجڻ، گهٽجڻ، ڪوٽ ڪائڻ، لهڻ، گوهي ڪائڻ، سنڪوچڻ، پري پچڻ، هٽڻ، ڪنبائڻ، ونڌ وجڻ، سميٽجڻ، اندر ويڙهجي ويندڙ، اندر ويهي وڃڻ، دماغي بيمارين جو ڊاڪٽر.

shrinkage (شرنڪيج) n a shrinking; a contraction into a smaller compass; extent of such diminution; in meat marketing, the loss of carcase weight during shipping, preparation for sale; in manufacturing the loss of goods resulting from pilfering, breakages. سوس، سوڪڙ، ڪوٽ، سنڪوچ، سوٽ، سسڻ، گهٽجڻ، سوڙجڻ، سوڪڙ، چوري چڪاريءَ ڪري مال جو ڪٽڻ.

shrink pack (شرنڪ پيڪ) n a shrink-wrapped package. اهڙو تهه ڪرڻ يا ويڙهڻ وارو پنو جهڙو شيءِ کي جهلي بيهي يا چنبڙي وڃي.

shrink proof or shrink resistant (شرنڪ پروف) adj. that will not shrink on washing. اڻ سسندڙ، غير سوس، ڪائيندڙ، ڪپڙو جيڪو ڌوپڻ کان پوءِ نه سسي.

shrink-wrap (شرنڪ رئپ) vt. to package goods in a clear plastic film that is subsequently shrunk (eg by heating) so that it fits tightly. ڪنهن شيءِ کي شفاف پلاسٽڪ ۾ بند ڪري ان کي تو ڏئي سڪائڻ ۽ سخت ڪرڻ ته جيئن چڱيءَ طرح حفاظت سان بند رهي.

shritch (شرچ) vi. to shriek, screech; a shriek. ريهون ڪرڻ، رڙيون ڪرڻ، رڙ واڪو ڪرڻ، ڪوڪارڻ، ٻاڪارڻ، ڪوڪڻ، رڙ واڪو، ڪوڪ.

shrive (شرائيو) tvt & vi. to hear the confession of; to confess and absolve.. ڏوهه باس ڪرڻ، گناهه جو اقرار ڪرڻ، ڏوهه باس ٻڌڻ ۽ معاف ڪرڻ، گناهه جو اقرار ڪري معافي حاصل ڪرڻ.

shrivel (شرائيول) vi and vt. to shrink or contract into

wrinkles; to lose or cause to lose potency, vitality. کهنجڻ، ڪومائجڻ، سڪي سوڙهو ٿيڻ، ڳچائڻ، ڪومائجي وڃڻ، سڪي سوڙهو ٿيڻ.

shroff (شروف، صراف) **n, vt & vi.** in the East, a banker, money-changer, or moneylender; in the Far East, an expert who identifies and separates base coin from that which is genuine; to examine or test money in order to detect base coin; to practice money-changing. (Ar) صراف يا پارکو، ناڻو مٽائيندڙ، وياج تي قرض ڏيندڙ، ناڻي جي پرک ڪندڙ، نقلي سڪا جدا ڪندڙ، ناڻي جي ڏيتي ليتيءَ جو ڪاروبار ڪرڻ.

shroffage (شروفيج) **n** commission for such examination (Ar). گهاڙ وغيره تي ورتي ويندڙ ڪميشن، ناڻي جي پرک جو خرچ.

shroud[1] (شرائوڊ) **n, vt. & vi.** a garment, clothes; a garment or piece of cloth used to wrap a corpse, a winding-sheet; a long piece of linen stained with the imprint of a crucified body; an enveloping or protective covering, screen, shelter or shade; a set of ropes from the masthead to a ship's sides to give lateral support to the mast; an extension from the rear of a fixed aerofoil surface covering the leading edge of a flap hinged to it; a streamlined covering used to protect the payload during launch; an extension of the metal parts in electrical devices to protect the insulating dielectric; to enclose in a shroud; to cover, envelop; to screen; to hide; to shelter; to take shelter. ڪپڙو، ڪفن، پردو، پوش، ڪفن ۾ ويڙهڻ، ڇپائڻ، ڇپڻ، ڇاپاميون، اپاريون، پوئيون، سڙهه جون واڏون يا رسا، مستول سان ٻڌل رسيون جيڪي جهاز جي ٻيهڻ ۾ سڌو هلڻ ۾ مددگار هونديون آهن، هوائي جهاز جي مڪ ڏوري جيڪا منهن کان پڇڙيءَ تائين ٻڌل هوندي آهي، خلائي جهاز ۾ سامان کي ڍڪي رکڻ واري جاءِ، بجليءَ جي مشين کي بجليءَ جي جهٽڪي کان بچائيندڙ ٻاهر تي نڪتل سيخ يا پرزو.

shroud[2] (شرائوڊ) **n, vt.** a branch; loppings; to lop. شاخ، لام، ڇاڙهه، شاخ تراشي، ڪتائي، ڇانگهڻ، ميڄڻ، وڍڻ، شاخن کي ڇانگڻ.

shroud-laid (شرائوڊ ليڊ) **adj.** (of a rope) having four strands twisted round a central strand or heart. رسي يا ڏوري جيڪا چئن ڏورين کي مکيه ڏوريءَ تي وٽي تيار ڪئي وئي هجي.

shroud line (شرائوڊ لائن) **n** any one of the cords of a parachute by which the load is suspended from the canopy. پيراشوٽ جي ڏوري، (ٽپ ڏيڻ واري) ڇٽيءَ جي رسي يا ڏوري.

shrub[1] (شرب) **n, vt.** a low woody plant less than a tree, a bush, esp one with little or no trunk; a scrub; to lop; to cudgel. ٻوٽو، ٻوٽي، جهٽ، ٻوڙو، ٻروٽو، جهاڙي، جڙي ٻوٽي، ننڍڙو ٻوٽو، ڏنڊا هڻڻ، ڪٽڻ، ڇٽڻ، سوٽيون يا ڏنڊا هڻڻ.

shrub[2] (شرب) **n** a mixed drink of lemon or other citrus fruit juice, sugar, spices and a spirit, esp rum; a cordial of fruit juice (eg raspberry) and vinegar. رم، شربت، سرڪو، ليمي يا نارنگيءَ جي رس ٻيل شربت، رسّ، شراب.

shrubbery (شربري) **n** an ornamental plantation or growth of shrubs. وڻن يا ٻوٽن جو جهڳٽو، جهلو، جهمٽ، جڙيون ٻوٽيون، وڻ ٽڻ، ٻروٽا، جهاڙيدار ٻني، وٽي.

shrubby (شربي) **adj,** full of shrubs; of the character of a shrub; covered with shrubs. ٻوڙو، ٻوٽي دارّ، ڪڻ دار، ٻوٽي ڀريل، جهاڙيدار، جڙي ٻوٽي دار، جهاڙيءَ نما.

shrug (شرگ) **vi, vt, n.** to shudder, shiver; to raise and lower the shoulders in an abrupt movement, a gesture expressive of doubt, indifference; to shrink; to raise (the shoulders) in a shrug; a jerk; an expressive raising of the shoulders. ڪلها لوڏڻ، ڪلها موڙڻ، اٻاسي ڏيڻ، ڇڪڻ، ڪهلڻ، سسڻ، موڙڻ، ڪلها چنبڻ، ڪنهن ڳالهه بابت بيخبري يا اڻ ڄاڻائي جو اظهار ڪلها لوڏي ڪرڻ.

shrug off (شرگ آف) **n** to shake off, get rid of; to show indifference to or dismiss as unimportant eg responsibility a difficulty. ڪلها چنبڻ، جند ڇڏائڻ، بيخبري يا اڻ ڄاڻائي ظاهر ڪرڻ، غير واسطيداري ظاهر ڪرڻ.

shtetl or **shtetel** (شٽيٽل) **n** formerly, a Jewish community in an Eastern European town or village. گذريل وقت ۾ اتر يورپ ۾ يهودين جي آبادي يا وستي، شهر ۾ يهودين جي رهڻ وارو علائقو.

shtick, schtick or **schtik** (شٽڪ) **n** a familiar routine, line of chat, adopted by, and associated with, a particular comedian; an attention-catching device. ڪنهن مسخري يا مزاح ڪندڙ ماڻهوءَ جو ڪو خاص جملو يا حرف جيڪو هو عام طور استعمال ڪندو رهي.

shtoom, schatoom, shtum, shtumm or **stumm** (شٽوم) **adj.** silent, dumb, quiet. چپ، گونگو، ٻوڙو، مات، خاموش، ساڪن، ساڪت.

shtup (شٽوپ) **vt** and **vi.** to have sexual intercourse; to copulate. مجامعت، جهڻ، جماع ڪرڻ، زنا ڪرڻ، سنجوگ ڪرڻ، ڪرڻ، جنسي عمل ڪرڻ، مباشرت ڪرڻ.

shubunkin (شوبنڪن) **n** a type of variegated large-finned goldfish (Jap). وڏن کنيڙن واري سونهري مڇي.

shuck (شڪ) **n & vt.** a husk, shell, or pod; to remove

the shuck from; to strip or peel off or away, to discard. کل، کوبو، چلر، چوڏو چلڻ، کل لاهڻ، پوش، پُوسو.

shucks (شڪس) **interj.** a mild exclamation expressive of disappointment, irritation or embarrassment. آهہ پرڻ، ڪنهن ڳالهہ بابت جذبات جو معمولي اظهار.

shudder (شڊر) **vi & n.** to tremble with fear, horror etc; to quake; to shiver from cold; to vibrate; to tremor caused by cold or horror; an act or instance of vibrating or trembling. ڏڪڻ، ڪنبڻ، لرزڻ، ٿـرڪڻ. ٿرڪڻ، جُنبش، ٿرڪڻي، ڏڪڻي، ڪنبڻ.

shuffle (شفل) **vt, vi & n.** to mix at random (esp playing-cards); to shove one way and the other; to confuse; to jumble; to put off surreptitiously, evasively, scramblingly, or in confusion; to manipulate unfairly; to patch up; to drag the feet along without lifting them clear; to perform with such motions; to mix cards in a pack; to scramble; to behave shiftily; to shift ground; to evade fair questions; to move by dragging the feet along; to shamble; to dance the shuffle; act of shuffling; a shuffling gait or dance; an evasion or artifice. (تاس) پائڻ، ناپڻ، يا نپڻ، گڏائڻ، گيسرائڻ، پتوڙڻ، نپڻ، گڏڻ، ڳڙڏائڻ، ڪپڙا لاهي چلڻ، (پٺي تي بار) مڙهڻ، (ڪپڙو) جهٽ پائي ونڻ، گيسرائي هلڻ، گهلڻ، دولبازي، هر هر پاسو مٽائڻ، گسڪساءُ، آنا ڪاني، حـيلو ڪرڻ، ٽال مـٽـول ڪرڻ، درهم برهم ڪرڻ، منجهائڻ، گوٽ ناٽ ڪرڻ.

shufti or shufty (شفتي) **n** a look, glance. نظر، نگاهہ، نهار. شڪل، منهن، صورت، مهاندو، جهلڪو، سرسري نظر، اک ليٽ.

shul (شل) **n** a synagogue. يهودين جي مسجد، يهودين جي عبادت گاهہ.

shun (شن) **vt.** to avoid deliberately; to refrain from; to neglect. ٽارو ڪرڻ، ونءُ وجڻ، پري پجڻ، جاني بجهي ٽارڻ، ٽـائڻ، باز رهڻ، پاسـو ڪرڻ، وات وٺي هليـو وڃڻ، پرهيـز ڪرڻ، ڪناري ڪشي ڪرڻ، بچڻ.

shunless (شنليس) **adj.** not to be shunned. جان نہ ڇڏائڻ، جهڙو، بچاءُ نہ ڪرڻ جهڙو، ناقابل پرهيز.

shunamitism (شونامتزم) **n.** rejuvenation of an oldman by means of a young woman. ڪنهن پوڙهي ماڻهوءَ جو جوان عورت سان لاڳاپي ڪري وري جوان ٿيڻ.

shunt (شنٽ) **vt, vi & n.** to turn or move aside; to move (railway rolling-stock) to another track, esp a side track; to divert or be diverted by means of a shunt; to bypass; to sidetrack; to shelve; to free oneself of; to get rid of; to crash a car; to be off; an act of shunting; a conductor connected in parallel with a measuring instrument, diverting part of an electric current; a switch; a passage (resulting from congenital abnormality or created surgically) in which two anatomical channels are connected and blood (or, in the brain, cerebrospinal fluid) is diverted from one to the other; a road accident, crash, mishap. پاسي تي ڪرڻ، پٽڙي يا رستو مٽائڻ، چانٽ يا چنبڙ ڪرڻ (گـاڏا)، ٻئي ڏگ تي هلڻ يا ٻي وات وٺڻ، بند ڪرڻ، رستو بدلائڻ، پٽڙي بدلائڻ، شنٽ ڪرڻ، بجليءَ جي وهڪري کي مٽائڻ وارو اوزار، ٽڻ، مباحثو بند ڪرڻ، حادثو، ٽڪراءُ وغيره.

shunt-wound (شنٽ ووئنڊ) **adj.** (of an electric motor) having the field and armature circuits connected in parallel. موٽر بدل، بجليءَ جي موٽر ۾ بجليءَ جي رسد جو نظام.

shura (شورا) **n** in Afghanistan, a traditional consultative or law-making council. قانون ٺـاهيندڙ مـجلس، لولو (قانون ٺاهڻ وارن جو)، مجلس قانون ساز، افغانستان ۾ صلاحڪارن جي جماعت.

shush (شش) **vt, vi & interj.** to cause to be quiet; hush ! be quiet !. خاموش، چپ، هُش، چپ ڪر، خاموش ٿي! وغيره جو اشارو.

shut (شٽ) **vt, vi, adj.** to place so as to stop an opening; to close, stop or cover the opening of; to preclude; to lock; to fasten; to bar; to forbid entrance into; to bring together the parts or outer parts of; to confine; to catch or pinch in a fastening; to end the operations of a business; to shoot a bolt; to become closed; to be capable of being closed; to close in; of a business, to cease to operate; made fast; closed; rid; an act or time of shutting. بند ڪرڻ، بندڻ، ڪنڊي ڏيڻ (درجي)، ٻڌڻ، روڪڻ، مـختلف پرزن کي مـلائي بيهارڻ، لنگهہ بند ڪرڻ، چپٽيءَ يا ٻليءَ سان جهلڻ، بلٽ ڏيڻ، جند ڇڏائڻ، اکيون ٻوٽڻ، پورڻ، ڪتاب ورائڻ، ڪارخانو يا دوڪان بند ڪرڻ، سميٽڻ، وارڻ، هٽ بند ڪرڻ جو وقت يا عمل.

shut down (شٽ ڊائون) **n, vt.** a temporary closing, eg of a factory; the reduction of power in a nuclear reactor to the minimum, usu carried out as a safety or emergency measure; to close down, or stop the operation of, often temporarily. (انجڻ يا ڪارخاني جو) ٿوري وقت لاءِ بند ٿي وڃڻ، بيهي وڃڻ، بجليءَ جي بندش جو وقت، ٿوري وقت لاءِ بند ٿيل.

shut in (شٽ ان) **vt.** to enclose, to confine; to settle down, or fall (said, eg of evening). بند ڪرڻ، قيد ڪرڻ، واڙڻ، شام جو وقت، آرام جو وقت، آرام ڪرڻ، بستري حوالي ٿيڻ.

shut-off (شٽ آف) **n** a device that stops the flow or operation of something; a stoppage; to exclude; to

switch off; to stop the flow of.بندڻ جو اوزار، پوچ،وهڻ. بند ڪرڻ، بجليءَ جو وهڪرو روڪڻ. بندش روڪ.

shut-out (شٽ آئوٽ) intended to exclude, as a bid to deter opponents from bidding..ڪڍڻ. خارج ڪرڻ. مخالفن کي نيلاميءَ مان ٻاهر ڪڍڻ (لاءِ نالهه ناهڻ).

shut out (شٽ آئوٽ) to prevent from entering; to hide or screen from view; to prevent the opposing team from scoring.روڪڻ، لڪائڻ، جهلڻ، بندڻ، ٻاهر رکڻ، اندر اچڻ نہ ڏيڻ، پردي پويان بيهارڻ، نظرن سامهون نہ آڻڻ، مخالف رانديگرن کي راند ۾ سرسي حاصل ڪرڻ کان روڪڻ.

shutter (شٽر) **n & vt.** that which shuts; one which shuts; an external or internal cover for a window, esp one of a hinged pair; a device for regulating the opening of an aperture, as in photography and cinematography; a removable cover, gate or piece of shuttering; to close or fit with a shutter or shutters..بند ڪندڙ، پردو، دري، ڳڙڪي، چڪ، جهرمري، در جو طاق، وهڪري کي روڪيندڙ اوزار، ڪئميرا جو تصوير ڪڍڻ واري شيشي جو ڍڪ، در لڳائڻ، حفاظت جو انتظام ڪرڻ.

shuttering (شٽرنگ) **n** closing and fitting with a shutter; material used as shutters; temporary support for concrete work.ڳڙڪي ڪاري، تختي ڪاري، کولڻ ۽ بند ڪرڻ جو نظام، ڪجهه وقت لاءِ (سيمنٽ رستي ناهيل جاءِ يا لنگهه کي) بند رکڻ.

shuttle[1] (شٽل) **n vt.** an instrument used by weavers for shooting the thread of the woof between the threads of the warp through the loop of thread in a sewing-machine; anything that makes similar movements; rapid movement to and fro between two points; a shuttle service or the vehicle, craft, used for this; a shuttlecock; to move to and fro like a shuttle; to move or travel regularly between two points.(ٻيڙيءَ شڪل) ڪپڙو اڻڻ واري مشين جو ڪ پرزو جيڪو پيني کي ڌاڳو پهچائي، هٿ جو لڙو يا نالي، موري، آب انداز، تڪڙي چرپر ۾ (ٻن شهرن جي وچ ۾) اڏامر، اچڻ وڃڻ، ڪنين وارو ڪينهون، سواري، گهمڻ ڦرڻ، روزانو اچ وڃ ڪرڻ.

shuttle[2] or **shottle** (شٽل) **n** a small drawer, esp in a cabinet or chest. ننڍڙو خانو.

shuttle cock (شٽل ڪاڪ) **n, vt & vi.** a lightweight cone consisting of a rounded cork stuck with feathered flights (or moulded plastic version of this) to be driven to and fro with the battledores or badminton rackets; the game played with battledores; something tossed to and fro repeatedly; to shuttle.پرن وارو ڪينهو، ڪنين وارو ڪينهو، گدي، ڪنين واريءَ گديءَ سان راند ڪرڻ، ڪاشيءَ جيڪا هيڏي هوڏي اڇلائي سگهجي، اچ وچ ڪرڻ.

shuttle diplomacy (شٽل ڊپلوميسي) **n** the exercise, undertaken by an intermediary, of travelling to and fro between two heads of states, in order to bring about agreement between them.سياسي ثالهه يا مسئلن کي فيصل ڪرڻ لاءِ ٻن ڌرين طرفان اچ وچ رستي وچ ۾ پوڻ ۽ ثالهه لاءِ ڪوشش ولڻ.

shuttle service (شٽل سروس) **n** a train or other transport service moving constantly between two points. ريل يا ڪنهن ٻه گاڏيءَ جو لڳاتار ٻن اسٽيشن وچ ۾ اچ وچ جو سلسلو.

shuttlewise (شٽل وائيز) **adv.** to and fro like a shuttle. شٽل يا گڏيءَ وانگر اچڻ وڃڻ يا هلڻ.

shut up (شٽ اپ) **v.** to close finally or completely; to confine; to cease speaking; to reduce to silence.بند ڪرائڻ، ماٺ ڪرائڻ، چپ ڪرائڻ، خاموش ڪرائڻ، آواز گهٽ ڪرڻ.

shy[1] (شاءِ) **adj.** shrinking from notice or approach; bashful, timid; reserved, retiring; coy; cautious; chary; wary; secluded; warily reluctant; unproductive; scanty; short, lacking; of doubtful repute; (esp in poker) short in payment..شرميلو، ڇرڪڻو، تاهڙ، لهڻو، ڊڄڻ، محجوب، لڄارو، ٿهندڙ، شرمائيندڙ، سنڪوچي، ڪان پڇندڙ، سنڪوچڻ، ڇرڪ ماريندڙ، ونءِ ويندڙ، معمولي، ننڍو، کوٽ وارو، ڪمزور، شڪي، شڪي حالت وارو، کوٽ ۾.

shy[2] (شاءِ) **vt, vi. & n.** to fling, toss; to throw; a throw; a fling; a gibe; an attempt, shot; a thing to shy at. اڇلائڻ، چوڙڻ، چيڙائڻ، نشانو ولڻ، چٽڻ، اڇل، ڏڪو، ڪوشش، ڏڪ، شيءِ جنهن تي نشان ڪجي.

Shylock (شاءِ لاڪ) **n** a ruthless creditor; an avaricious, grasping person.ڪنجوس يا پٿر دل شاهوڪار، لالچي ماڻهو، وياج خور.

shyster (شسٽر) **n** an unscrupulous or disreputable lawyer; an unscrupulous practitioner in any profession or business.بدنام وڪيل، ڪنهن ٻه ڌنڌي وارو بدنام ماڻهو، ٺڳ.

sial (ساءِ ئل) **n** the lighter upper part of the earth's continental crust composed of rocks rich in silica and alumina.ڌرتيءَ جو مٿاهون هلڪو ۽ سنهو جاٻلو تهه، مٿاهون معدني تهه.

siala- or **sialo-** or **sial-** (سالا) combining from: denoting saliva. گگ، ٿڪ، پڪ، ڪف، لعاب.

sialagogue or sialogogue (سائلاگاگ) **n** anything that stimulates a flow of saliva.ڳگ آور، ٿڪ پيدا ڪندڙ، لعاب خيز.

sialic (سائلاڪ) **adj.** of or relating to saliva. ڳگ بابت.

sialic acid (سائلاڪ اسڊ) **n** any of a group of amino sugars that form covalently linked sugar residues in glycoproteins.امائنو کنڊ وارو مادو جيڪو بدلي کنڊ نامن لاءِ مدد گار آهي، ڳگ مان نهندڙ سٽيو تيزابي مادو.

sialogram (سائلوگرام) **n** an X-ray of the salivary tract. ڳگ وارن غدودن جي ايڪسري تصوير.

sialoid (سائلائڊ) **adj.** resembling saliva. ٿڪ نما، ڳگ جهڙو، پڪ جهڙو.

sialoloth (سائلولاٿ) **n** a calculus in a salivary gland. ڳگ پٿر، لعابي غدودن ۾ پٿريلن ڳوڙهين جي موجودگي.

sialon (سائلان) **n** any of various ceramic materials consisting of silicon, aluminium, oxygen and nitrogen.چيڪي ءَ مٽيءَ وارو مرڪب مادو، چينيءَ جي ٿانون ٺاهڻ ۾ ڪم ايندڙ مرڪب معدني مادا مليل مٽي.

sialorrhoea (سائلاريا) **n** excessive secretion of saliva, ڳگ ڳڙڻ، ڳگ جو اخراج، ٿڪ جو غير معمولي اخراج.

siamang (سيامنگ) **n** a large black gibbon, found in Sumatra and the Malay Peninsula (Malay).ملايا جو ڪارو لنگور، ملايا جو وڏو ڪارو باندر، سيامنگ باندر يا لنگور.

Siamese (سياميز) **adj. & n.** a native of Siam, the former name of Thailand; the language of Siam; a Siamese cat.سيام يا ٿائلينڊ جو رهاڪو يا انهن جي ٻولي، سيام جي ٻلي، ڪاري ٻلي.

Siamese cat (سيامسي ڪٽ) **n** a domestic fawn-coloured cat, with blue eyes and a small head, probably descended from the jungle cat of India, Africa, etc. سيامي ٻلي (هن جا پير، پڇ، ڪن ۽ منهن ڪاري رنگ جو هوندا آهن، جهنگ ٻلو، ٿائلنڊ جي ڪاري ٻلي.

Siamese twins` (سياميز ٽئنس) **n pl.** orig a set of Chinese twins, born in Siam, joined from birth by a fleshy ligature; any set of twins thus joined; inseparables.چيني جاڙا ٻار جيڪي سيام ۾ ڄاوا هئا ۽ سيني واري هنڌ کان هڪ ٻئي سان جڙيل هئا، سيني جڙيل جاڙا ٻار.

sib (سب) **n & adj.** kinship; kindred; a kinsman or kinswoman; a blood relation; a brother or sister; a group descended from one ancestor; akin, related by blood; (of canaries) inbred.مائٽي، رت جو ڳانڍاپو، ڀاءُ ڀيڻ، مائٽ، مائٽياڻي، ڪٽنب، برادري، رت جو رشتو، ڦاريل پکي.

sibilant (سبيلنٽ) **adj. & n.** hissing; a letter pronounced with a hissing sound; a hissing consonant sound, as of s and z..ششڪر ڏيندڙ، سي سي جو آواز ڪيندڙ، هر جنسي آواز، اڙ شما، سنسناهٽ جو آواز ڪندڙ جيئن "سَ" جو اچار.

sibilate (سبيليٽ) **vt & vi.** to pronounce words with a hissing sound..ڳالهائڻ ۾ سي سي جو آواز ڪڍڻ، سي سي ڪرڻ، هم آوازي اچار.

sibling (سبلنگ) **n** a person who has a parent or an ancestor in common with oneself; a person who has both parents in common with oneself, a brother or sister..هڪ جنسي، هم نسل، ساڳيو نسل، هم مادر پدر، هڪ ولد، هڪ نسل ٻچا، هڪ جو اولاد، ڀاءُ ڀيڻ.

sibship (سبشپ) **n** a group of sibs; blood-relationship; clan-relationship..رت جي مائٽي، گهرائپ، برادري، هم جنسي.

sibyl (سبل) **n.** a prophetess; sorceress; any of several female oracles or prophets of ancient Rome, Greece, Babylonia, Egypt, each believed to be inspired by an individual deity; a witch or female fortune-teller; an old crone.قديم يونان، روم، مصر ۽ بابل ۾ ڪنهن ديويءَ يا ديوتا طرفان مقرر ڪيل نائب، نمائنده عورت، جادوگرياڻي، ڏائڻ، پوپي، ڏوتي، اڳڪٿي ڪندڙ مائي، پيشن گوئي ڪندڙ عورت، ڪراڙي، ٻڍڙي عورت.

sibylline (سبلائن) **adj.** pertaining to the sibyls; like the productions of the sibyls: prophetical. ڏائڻ بابت، پوپين جو، پوپين وانگر، پوپين طرفان تيار ڪيل، جادوگرياڻين جو، پيغمبرائو، نائبياڻين يا نمائنده عورتن جو تيار ڪيل.

sic (سڪ، سيڪ) **adv.** so, thus – printed within brackets in quoted matter to show that the original is being faithfully reproduced even though incorrect or apparently so (L). ان ڪري، تنهنڪري، ان لاءِ، ڏنگين ۾ لکيل عبارت، اڳ موجود عبارت لکي مثال طور پيش ڪرڻ.

Sican (سڪن) **n** a native of Sicily. سسلي جو رهاڪو.

siccate (سڪيٽ) **vt.** to dry. سڪائڻ، خشڪ ڪرڻ.

siccative (سڪيٽو) **adj, & n.** drying; a drying agent. سڪائڻ واري يا وارو، خشڪ ڪندڙ، رنگ سڪائڻ جو مسالو.

sice or sizwe (سائس) **n** the number six at dice. ڇڪو، ڇهه داڻا يا داڻيون.

Sicilian (سسلئن) **adj.** of Sicily; denoting a cloth of cotton and mohair.سسليءَ جو، سسليءَ جو مُهير يا سوٽي ڪپڙو.

siciliana (سسليانا) **n** a Sicilian dance.سسليءَ جو هڪ لوڪ ناچ ۽ ان جي موسيقي.

siciliano (سسليانو) **n** a Sicilian pastoral dance, dance tune or movement.سسليءَ جي هڪ لوڪ ناچ ۽ ان لاءِ موسيقيءَ جو نمونو.

sicilienne (سسلين) **n pl.** a ribbed silk fabric; a siciliano (Fr). ريشمي ڪپڙو، سسليءَ جو ڪپڙو، سوٽي ڪپڙو.

sick[1] (سڪ) **adj & vi.** unwell, ill; diseased; inclined to

vomit; pining; mortified; thoroughly wearied; out of condition; sickly; of or for the people who are ill; (of humour, comedy, a joke) gruesome, macabre, tending to exploit topics not nonnally joked about, such as illness, death; disappointed; to grow sick; to vomit.لگو، بيمار، مريض، ناچاڪ، اکهو، بيزار، ناچگو، روڳي، بي مزي، ناساز، آتو، بيزار، ماندو، ڪڪ، سڪالو، آتر، تراس، قئہ ڪرڻ، بيمار پوڻ، خستو، دل ڪچي ٿيڻ، هنياءُ کهرڻ، بستري داخل ٿيڻ.

sick[2] (سڪ) **vt.** to set upon, chase; to incite (eg a dog) to make an attack..بچائڻ، (ڪتو) پٺيان پوڻ، حملو ڪرڻ، چڙهي اچڻ، وڙهڻ.

sicken (سڪن) **vt & vi.** to make sick; to disgust; to make weary of anything; to become sick; to be disgusted; to become disgusting or tedious; to become weakened..بيمار ٿيڻ يا ڪرڻ، عليل ٿيڻ، ڪراهت ڪرڻ، بڇان ونڻ، ٿڪائڻ، ماندو ٿيڻ، دل ڪچي ڪرڻ، گهوماتجڻ، ڳامورجڻ، ورچائڻ، مرض ۾ ونجڻ، طبيعت بگڙڻ.

sickening (سڪننگ) **adj.** making sick; disgusting. بيمار ڪندڙ، بيماري آور، روڳي بنائيندڙ، اکهائي آور، مڪروهہ، بڇان جهڙو، ڪراهت جهڙو.

sicker or **siccar** (سڪر) **adj & adv.** sure, certain, firm; surely, certainly. پڪ، پڪو، خاطريءَ وارو، مقرر، ڪتل، پڪيءَ طرح، خاطريءَ سان.

sick-fallen (سڪ فالن) **adj.** struck with sickness.بيماريءَ جو ماريل، بيمار، ناچاڪ، مريض، بيزار، ماندو.

sick-feathered (سڪ فيدرڊ) **n** (of birds) with immature feathers at moulting. (پکي) ڪچڙن پرن وارو.

sick flag (سڪ فليگ) **n** a quarantine flag.(جهاز تي ڦڙڪائڻ وارو) بيماريءَ جي موجودگيءَ جو جهنڊو.

sick headache (سڪ هيڊ ايڪ) **n** a headache with nausea. مٿي جو سور، الٽيءَ سان سور، ٻانواٽي، ڦيري.

sickle (سڪل) **n.** an instrument with a curved blade and a short handle, for cutting crops; a reaping-hook; a sickle feather.ڏاٽو، ڏاٽي، لاباري جو اوزار، ڪڪڙ جي پچ وارن وريل کنڀن مان هڪڙو ڊگهو کنڀ.

sickled (سڪلڊ) **adj.** bearing a sickle.ڏاٽي وارو، لابارو ڪندڙ.

sicklebill (سڪل بل) **n** a bird of paradise, humming-bird, with a sickle-shaped bill.بهشتي پکي، ڏاٽي شڪل چهنب وارو پکي، چيهو پکي، شڪر خورو پکي، وريل چهنب پکي.

sickle-cell anaemia (سڪل سيل اينيميا) **n** a severe hereditary anaemia, affecting mainly Black people, in which the production of abnormal haemoglobin causes the red blood cells to become distorted into a sickle shape – these abnormal cells are then destroyed by the body's defence systems resulting in anaemia. موروثي رت جي ڪمي.

sickle-cell trait (سڪل سيل ٽريٽ) **n** a mild, symptomless, condition with some of the characteristics of sickle-cell anaemia.موروثي رت جي ڪميءَ واري حالت يا طبيعت.

sickle feather (سڪل فيدر) **n** a cock's elongated tail feather. ڪڪڙ جي پچ جو وريل کنڀ.

sickleman (سڪل مئن) **n** a reaper..لاب ڪندڙ، لاهيارو، ڪڙمي، ڏاٽو هلائيندڙ، لابارو ڪندڙ.

sick list (سڪ لسٽ) **n** a list of the sick..بيمارن جي فهرست، بستري داخل مريضن جو تفصيل

sickly (سڪلي) **adj, adv. & vi.** affected with sickness; feeble; languid; pallid; suggestive of sickness; slightly or insipidly sickening; mawkish; of sickness or the sick; in a sick manner; feebly; to make sickly-looking, impart an unhealthy hue to; to make sentimental or mawkish..روڳي، مرضيل، ڏجهارو، بيمار، ڏٺاري، بڇان جهڙو، ڏڪيو، جيءَ جلو، دل ڪچي ڪندڙ، بيمار ڪندڙ، ڪرڪٽو، جيءَ جلو ڪندڙ، سائو ڦڪو.

sickness (سڪنيس) **n.** disease; ill-health; illness; nausea. مرض، بيماري، ڏوار، اکهائي، ناچڳائي، ڏوج، روڳ، ڏجهندو، لڳائي، ناچاقي، ناچاڪي، بي مزائي، آزار، ڪنمرائي، پيڙا، بڇان، اُبٽو، ارچ، ان رس.

sick note (سڪ نوٽ) **n** in Britain, a note (signed either by the employee or the employee's doctor) given to an employer to certify that absence from work was due to illness.بيماريءَ جو سرٽيفڪيٽ، ڊاڪٽر جو بيماريءَ جو تصديق نامو.

sick-out (سڪ آئوٽ) **n** a form of industrial action in which all workers at a particular factory, workplace, absent themselves simultaneously on the pretext of sickness.بيماريءَ جي بهاني سان صنعتي اداري جي ڪارڪنن جو هڪ ئي وقت ڪم کان غير حاضر رهڻ جو عمل.

Sida (سائڊا) **n** any plant of the Queensland hemp Sida of the mallow family, tropical herbs yielding a fibre.جنس ٻج بند (ٻوٽو)، جڙي ٻوٽي، ڪرينڊ ٻوٽو، ريشو ڏيندڙ ٻوٽو.

sidalcea (سڊئلسيا) **n** a plant of the genus of the mallow family; a herbaceous perennial with tall spikes of white, pink or purple flowers.جڙي ٻوٽي، گلن وارو ٻوٽو.

siddhi (سڌي يا شڌي) **n** (in Hinduism, Buddhism and Jainism) the supernatural powers that come with

the spiritual perfection attained by meditation.مراقبي ذريعي روحاني ڪمال حاصل ڪرڻ. ڪوبہ ڪم صحيح نموني ڪرڻ.

siddur (سڊور) **n** a Jewish prayer book used in daily liturgy (Judaism).يهودين جو عبادتن وارو ڪتاب. مذهبي ڪتاب. پاڪ ڪتاب.

side[1] (سائيڊ) **n, adj. vi & vt.** the broad or long surface of a body; edge, border; a line or surface forming part of a boundary; the part near such a boundary; a surface or part turned in some direction, esp one more or less upright, or one regarded as right or left, not front or back, top or bottom; the part of the body between armpit and bip; half of a carcase divided along the medial plane; either of the extended surfaces of anything in the form of a sheet; a page; the father's or mother's part of a genealogy; a department or division of a school or prison; an aspect; a direction; a particular district; a border or bank; the slope of a hill; the wall of a vessel or cavity; any party, team, interest, or opinion opposed to another; part; the womb; a spin given to a ball causing it to swerve and regulating its angle of rebound; a pretentious air, arrogance; a speech in a play; a television channel; to take sides; to adjudge or assign to one side or other..حد. پاسو، طرف، ڏس، پاڙ، ڏر، رخ، ڪنارو، ڪنڌو، مٿاڇرو، حاشيو، پهلو، پار، لڳو لڳ، پاسي ۾، هڪ پاسي، زناني زين، يڪ لانگو (وهڻ) پاسيري شاخ، بدن جو پاسو يا هڪ حصو، پاسن وارا حصا، ماءُ يا پيءُ جو طرف يا خاندان، ڪنهن اسڪول يا اداري جو حصو، ٿاڻ جو ڪنارو، سرحد، سرحدي علائقو، سرحدي ضلعو،ملڪ جو هڪ حصو، خاص حصو، خاص طرف جبل جو لاهو يا اڀو پاسو، ٿانءُ جو کهپ يا خال، پيٽ، پار دالي،بچي دالي، وانڪائي، وڏائي، پاڻ پڏاءُ، ڊرامي ۾ مڪالمو يا تقرير، ڪنهن پاسي ڪرڻ، هڪ طرف ڪرڻ، ٽيليويزن جو هڪ چينل يا هڪ پروگرام.

side[2] (سائيڊ) **adj.** long. ڊگهو، وڏو.

side arm (سائيڊ آرم) **n** a weapon worn at the side or in a belt, like sword, bayonet etc. پاسي جو هٿيار، پاسي سان ٻڌڻ وارو هٿيار.

side band (سائيڊ بئنڊ) **n** a frequency band above or below the carrier frequency, containing additional frequencies constituting the information to be conveyed, introduced by modulation.پاسي پٽي، ڪناري پٽي، طرفي پٽي، ريڊيي جي طرفي نشريات جو نظام.

side bar (سائيڊ بار) **n** a short newspaper article alongside, and dealing in detail with some aspect of, a longer article.اخبار جي وڏي خبر پرسان ننڍي يا وڏي خبر سان لاڳاپيل ننڍي خبريات.

side-bar (سائيڊ بار) **n** (in South Africa) solicitors, as opposed to barristers (who belong to the bar). عريضي نويس، ننڍا وڪيل.

side-board (سائيڊ بورڊ) **n** side table; a piece of furniture for holding plates, often with drawers and cupboards; a board at the side of a cart. گاڏي جي ٿانون رکڻ جو تختو يا ميز، ماني کائڻ واري ڪمري جو پاسي سان رکيل ڪٻٽ، خانن وارو ڪٻٽ، گاڏي جي هٿ گاڏي.

side-bones (سائيڊ بونس) **n** ossifications of the lateral cartilages of a horse's hoof.پاسي واريون هڏيون، بغلي هڏا، ڪلهن جون هڏيون، گهوڙي جي سنبن جون پاسي واريون هڏيون.

side box (سائيڊ باڪس) **n** a box at the side of a theatre. سنيما يا ٿيٽر جي پاسي واريون گيلريون.

side burns (سائيڊ برنس) **n** short side whiskers, a modification of the rather more extensive growth pioneered by General Burnside of America.پاسي واريون ۽ ڪنڌي وانگر چيندڙ ميڇون (خاص ڪري جانور جون)، ڪنن وٽان وڌيل وار.

side car (سائيڊ ڪار) **n** a jaunting car; a small car attached to the side of a motorcycle for the carriage of a passenger; a kind of cocktail consisting of brandy, orange liqueur and lemon juice.سفر لاءِ ننڍي ڪار، موٽر سائيڪل سان ڳنڍيل ننڍو گاڏو، پاسي واري گاڏي، مختلف قسم مليل مرڪب شراب، ميوي جو رس پيل شراب.

side chain (سائيڊ چين) **n** a chain of atoms forming a branch attached to a ring..بغلي زنجير، پاسائون زنجير، زنجيري شاخ، ايٽمي اڻن جي زنجير شڪل گول بيهڪ.

side cutting (سائيڊ ڪٽنگ) **n** an excavation along the side of a railway or canal to get material for an embankment.پاسو کوٽڻ، پاسي مان مٽي ڪڍي بند تي پراءِ وجهڻ.

side dish (سائيڊ ڊش) **n** a supplementary dish.گاڏي سان گڏ کا بي کائڻ لاءِ شيءِ ڏيڻ.

side door (سائيڊ ڊور) **n** a door at the side of a building or of a main door. پاسي جو در، بغلي دروازو.

side dress (سائيڊ ڊريس) **vt.** to place fertilizers on or in the soil near the roots of a crop.زمين کي پاڻي ڏيڻ سان گڏ پاڻ ڏيڻ.

side drum (سائيڊ ڊرم) **n** a small double-headed drum with snares slung from the drummer's side or from a stand. دهل، ڳچيءَ ۾ وجهي وڄائڻ وارو دهل، ڊولڪ.

side effect (سائيڊ افيڪٽ) **n** a subsidiary effect; an effect, often undesirable, additional to the effect sought. ٻيو اثر، وڌيڪ اثر،خاص اثر، اثرات، خراب اثر، بد اثر.

side glance (سائيڊ گلانس) **n** a sidelong glance; a passing allusion. ڏيڍي نظر، مٿاڇري نگاهه.

side issue (سائيڊ اشو) **n** something subordinate, incidental, not important in comparison with main issue. جدا مسئلو، آڏو مسئلو، پاسيرو مسئلو، معمولي مسئلو.

sidekick (سائيڊڪڪ) **n** a partner, deputy; a special friend. ڀائيوار، زيردست، نمائندو، خاص دوست، پڪ مت يار.

sidelight (سائيڊ لائيٽ) **n** a light at the side; a light carried on the side of a vessel or vehicle; a window above or at the side of a door; a window, as opposed to a skylight; light coming from the side; indirectly on a subject. پاسي واري بتي، پاسي کان ايندڙ روشني، دروازي جي پرسان لڳل دري، درجي مٿان لڳل دري، روشنيءَ واري دري، روشندان، دريءَ مان ايندڙ روشني، پاسي جي روشنيءَ جي عڪاسي يا مصوري.

sideline (سائيڊ لائين) **n, vt.** a line attached to the side of anything; a branch route or track; a subsidiary trade or activity; (the area just outside) the lines marking the edge of a football pitch, hence, a peripheral area to which spectators or nonparticipants are confined; to remove a player from a team and confine to the sidelines; to suspend from normal operation or activity; to confine to a peripheral area; to relegate one to a minor, peripheral position, prevent his or her participation in the main or most important area of activity, esp in business. پاسي واري يا پرواري ليڪ، پاسي وارو ليڪو، رانديگر کي پاسي ڪرڻ، عام طور ڪم کان بند ڪيل، پاسي تي رکڻ يا ويهارڻ، ڪنهن کي معمولي ڪم سان لڳائڻ، ڪنهن خاص عمل کان پري رکڻ.

sidelock (سائيڊ لاڪ) **n** a lock of hair at the side of the head. پاسي جا وار، ڳهندي وارن جي، طرفي ڪلف، زلف، پٽي، ڪن مٿان پوندڙ وارن جي چڱ يا لٽ.

sideman (سائيڊمئن) **n** one of the members of a band or orchestra, other than the leader or featured artist, who performs occasional solo passages demonstrating virtuosity on a particular instrument. ڳائڻ بر ساٿي، جتي جو ساٿهو، ڪنهن خاص موسيقيءَ جو اوزار وڄائڻ وارو.

sidenote (سائيڊ نوٽ) **n** a comment written in a margin. حاشيہ يا پاسي تي لکت، حاشيه واري ٽيڪا ٽپڻي.

side-on (سائيڊ آن) **adj.** and **adv.** with a side facing forwards or leading. سامهون کيڏندڙ رانديگر، راند جا مرڪزي رانديگر.

side path (سائيڊ پاٿ) **n** a byway, footpath or sidewalk. پاسي بر پيچرو، دڳ جي پاسي وارو پيچرو.

side plate (سائيڊ پليٽ) **n** a small plate used for food, such as bread or salad, which accompanies the main meal. ننڍڙي ٿالهي، ننڍي پليٽ، ساسر، بسي.

side post (سائيڊ پوسٽ) **n** a door post; a post supporting a roof at the side. دروازي جي بانهين، ڪامر، ٿوڻي.

siderate (سائيڊريٽ) **vt.** to blast or strike. ڦاٽڻ، ڦاڙڻ، ڌماڪو، ڌڪ هڻڻ.

sideration (سائيڊريشن) **n** a blast, blight, or stroke; sudden paralysis of any part of the body; erysipelas. ڌماڪو، ڌڪ، حملو، بيماريءَ جو حملو، اڌ رنگ جو اوچتو حملو يا اثر.

sidereal (سائيڊريل) **adj.** of, like, or relating to the stars; measured by the motion of the starts. تارن جو، تارن جي باري بر، ناڪشترڪ، تارن جي چرپر وسيلي ماپيل.

sidereal day (سائيڊ ريل ڊي) **n** the time the earth takes to make a revolution on its axis, relative to the time between two successive transits of a particular star. ڌرتيءَ جو پنهنجي محور تي مڪمل گهيري جو عرصو، ڌرتيءَ جو پنهنجي محور تي مڪمل چڪر، ڪن ٻہ ٻن تارن جي درميان لڳل وقت.

siderite (سائيڊ رائيٽ) **n** chalybite, or ferrous carbonate, one of the magnetic ores of iron; a meteorite mainly of metallic iron. مقناطيس، چقمق پٿر، شهابي لوهہ، لوهہ، چقمقي فولاد.

siderography (سڊروگرئفي) **n.** the art or practice of engraving on steel. لوهہ يا فولاد تي اکر جي ڪم جو هنر يا فن.

siderolite (سائيڊ رولٽ) **n** a meteorite stone made up partly of stone and partly iron. سنگ لوهہ، ڌرتي تي ڪريل تاري جو ٽڪر، شهاب ثاقب پٿر.

sideropenia (سائيڊ روپونيا) **n** deficiency of iron. فولاد جي ڪمي.

siderophile (سائيڊ روفائل) **n** an element with a weak affinity for oxygen and sulphur but soluble in molten iron, whose geochemical distribution is influenced by this quality. غير ڌاتوي عنصر جيڪو پگهريل لوهہ بر ڳري ملي وڃي.

siderosis (سائيڊ روسس) **n** lung disease caused by breathing in iron or other metal particles. ڦڦڙن جي بيماري، (جسم بر) لوهہ رنگ پرجڻ، ڦڦڙن بر معدني ذرن جو ڳڙ ٿيڻ.

siderostat (سائيڊ روسٽل) **n** a mirror, or telescope with a mirror, for reflecting the rays of a star in a constant direction, on the principle of the coelostat. آئينو، دوربين، خوردبين، آئيني واري خوردبين (جيڪا ڪنهن تاري کي آئيني رستي واضح يا چٽو ڪري)

side saddle (سائيڊ سيڊل) **n** a saddle designed for a woman, on which the rider sits with both legs on the same side. هڪ پاسي زناني زين يا هنو. هڪ لانگهو ويهڻ واري زين.

side saddle flower (سائيڊ سيڊل فلاور) **n** a N American pitcher plant. آمريڪا جو هڪ گل ۽ ان جو ٻوٽو.

side show (سائيڊ شو) **n** an exhibition subordinate to a larger one; any subordinate or incidental activity. وڏي تماشي لاڳوليندڙ تماشو يا نمائش.

sideslip (سائيڊ سلپ) **n** an oblique offshoot; a bastard; a skid; a lateral movement of an aircraft; a side-on downward slide; to slip sideways. حرامي ٻار. پاسي واري شاخ. پاسي ٻرلوڏو. هوائي جهاز جي پاسي ٻر چر ٻر. پاسي ٻر هيٺ لهڻ. پاسي ٻر ترڪڻ.

sidesman (سائيڊس مئن) **n** an assistant or deputy church warden; a partisam. نائب پادري.

side-splitting (سائيڊ سپلٽنگ) **adj.** extremely funny, making one laugh till one's sides ache. کلائي کلائي پيٽ ۾ سور وجهندڙ.

sidestep (سائيڊ اسٽيپ) **n** a step taken to one side; a step attached to the side; to step aside; to avoid, as by a step aside. پاسي ۾ لڳل ڏاڪو. هڪ طرفو قدم. پاسي تي وڃڻ. ٽارڻ. ٽري وڃڻ. پاسو ڪرڻ.

sidestream (سائيڊ اسٽريم) **adj.** (of exhaled cigarette, cigar or pipe smoke) that which is inhaled involuntarily by non-smokers. حقي يا ٻيڙيءَ جي ڌوڪ. دونهون جيڪو غير پيئندڙ ساهه رستي اندر کڻي.

sidestreet (سائيڊ اسٽريٽ) **n** a minor street, esp if opening off a main street. ننڍي گهٽي. پاسي واري گهٽي. بغلي لنگهه.

side stroke (سائيڊ اسٽروڪ) **n** a stroke given sideways; a stroke performed by a swimmer lying on his or her side. پاسائتو ڌڪ. پاسي ۾ هٿ پير هلائي ترڻ.

sideswipe (سائيڊس وائپ) **n** a blows dealt from the side, not struck head-on; a criticism made in passing, incidentally to the main topic; to deal someone a sideswipe. پاسي جو ڌڪ. ٽوڪ بازي. ڳالهه ڳالهه ۾ ٽوڪ ڪرڻ. ڪنهن تي اڻ سڌيءَ طرح چوٽ چنڊڻ.

side table (سائيڊ ٽيبل) **n** a table used as a sideboard, or placed against the wall, or to the side of the main table. ننڍي ميز. پاسي واري ميز. سامان سڙو رکڻ واري لپائي يا خانن واري ننڍي ٽيبل.

sidetrack (سائيڊ ٽرڪ) **n** a railway siding; to divert or turn aside; to shelve. ريل جي پاسي ۾ ٻي پٽڙي. ريل جي پاسي واري پٽڙي. وڏي دڳ جي پاسي ۾ ننڍو رستو.

side view (سائيڊ ويو) **n** a view on or form one side. هڪ پاسي جو نظارو يا ڏيک. پاسيرو نظارو. نيم رخ. نيم رخي تصوير.

sidewalk (سائيڊ واڪ) **n** a raised pavement or footpath. پنڌ وارن لاءِ رستو. پاسي ۾ پيچرو.

sidewall (سائيڊ وال) **n** the side portion of a tyre, between tread and wheel rim. ٽائر جي وٽ. ٽائر جو پاسو.

side-wheel (سائيڊ ويل) **adj.** with paddle wheels at the side. پاسي جو ڦيٿو. پيڊلن سان هلڻ وارا ڦيٿا.

side-wheeler (سائيڊ ويلر) **adj.** a side-wheel paddle steamer. پاسي ۾ لڳل ڦيٿي وارو دخاني جهاز.

side whiskers (سائيڊ وسڪر) **n** hair grown by a man down either side of the face, in front of the ears. وڏا قلم (وارن جا).

side wind (سائيڊ ونڊ) **n** a lateral wind; indirect means. پاسي کان لڳندڙ هوا. ٻيءَ جاءِ سان ٽڪرائي موٽندڙ هوا.

side winder (سائيڊ وائينڊر) **n** a rattlesnake of the southern US that progresses by lateral looping motions; the name of an air-to-air missile directed at its target by means of a homing device. آمريڪا جو هڪ زهريلو نانگ. آمريڪي چڪي نانگ. ايشيائي ڪپر. ننڍي بلا. هوا کان هوا ۾ مار ڪندڙ ميزائيل جو نالو.

sidewise or sideways (سائيڊ وائز يا سائيڊ ويز) **adv.** towards one side; laterally; on one side. هڪ پاسي ڏانهن. پاسيرو. هڪ طرف. هڪ طرفو. پاسي جو.

siding (سائڊنگ) **n.** a short additional line of rails laid for the purpose of shunting. ريل جي پاسي واري پٽڙي جنهن تي واڌو گاڏا بيهاري يا ضرورت وقت ريل کي پاسيرو ڪري بيهاري سگهجي. ڪنهن ريلوي اسٽيشن تي ريل جي واڌو پٽڙي.

sidle (سائيڊل) **vi.** to go or edge along (sideways), esp in a furtive or ingratiating manner; to move to one side. ڏيڊو پاسيرو هلڻ. لڪي ڇپي وڃڻ. پاسيرو ٿي لڪري وڃڻ.

siege (سيج) **n. & vt.** the act or process of surrounding a town or fortress, cutting off its supply lines and subjecting it to persistent attack with the intention of forcing surrender by its defenders and capturing it; any persistent attack, offensive; a persistent attempt to gain control; a long period of persistent illness or troubles; a seat or throne; rank, distinction or class; a privy; dung; a mason's or bricklayer's workbench; the floor of a pot furnace or tank furnace; a company of herons or bitterns; to besiege. گهيرو ڪرڻ. ڪڙو چاڙهڻ. چڪتاڻ. ٻڇ. محاصرو. ٻوياڻ. پوڻ. ڪچ ڪچ ڪرڻ. وري وري حملو ڪرڻ. قلعي تي قبضي حاصل ڪرڻ خاطر لاڳيتو حملو جاري رکڻ. ڀچر لڇڻ. ٿڪائڻ. بيماريءَ جو لاڳيتو حملو. لاڳيتي بيماريءَ جو عرصو. گادي. تخت. عهدو.

درجو، چيٺو، ڪاريگر جي ويهڻ جي جاءِ، صندلي، منجي، ميز، آويءَ جو تر يا ترو، پڪين جو ولر، گهيرو ڪرڻ، گهيرڻ.

siege-artillery or **siege-gun** (سيج آرٽلري يا سيج گن) **n** heavy artillery or a gun designed for use in sieges rather than in the field.' وڏي توپ، گهيري وقت (قلعي جي ديوار تي) حملو ڪرڻ واري وڏي توپ.

siege basket (سيج بسڪيٽ) **n** a gabion. ٽوڪرو، لٻڻي.

siegecraft (سيج ڪرافٽ) **n** the art of the besieger. ڪڙي چاڙهڻ جي الڪل، (محاصري) گهيري جو طريقو.

siege economy (سيج اڪانامي) **n** an economy in which imports are restricted in order to protect national industries and production. اقتصادي سرشتو جنهن مان ٻاهران گهرائڻ وارين شين جي مقدار تي پابندي وڌل هجي.

siege mentality (سيج مينٽلٽي) **n** a mental state in which one imagines one is constantly under attack. هڪ ذهني حالت جنهن ۾ انسان اهو سمجهي ته هو هر وقت ڪنهن جي حملي جي زد ۾ آهي.

siege piece (سيج پيس) **n** a coin, generally of imperfect workmanship, issued in a besieged place; a siege-gun. هڪ سڪو، اڻ پورو يا نامڪمل تيار سڪو، گهيري هيٺ ملڪ طرفان جاري ڪيل سڪو، گهيروڪندڙ هٿيار.

siege train (سيج ٽرين) **n** a train of artillery, carriages, ammunition etc for besieging a place. گهيري ڪرڻ لاءِ هٿيارن جي رسد يا لاڳيتو حملو، گهيري خاطر ضرورت واريون سهولتون جن ۾ بارود، هٿيار ۽ رسد پهچائڻ واريون گاڏيون شامل آهن.

siemens (سيمينس) **n** the unit of electrical conductance, the equivalent of mho and reciprocal of ohm. بجليءَ جي پسرائڻ جو ايڪو.

Sienese or **Siennese** (سائينز) **adj. & n.** of Siena or its school of painting; a native of Siena. سينا ۽ ان سان لاڳاپيل مصوريءَ جانمونا، مصوريءَ جا شاهڪار، سينا جا رهاڪو.

sienna (سنا) **n** a fine pigment made from feruginous ocherous earth or fine yellow or browny-yellow; warm reddish-brown when burnt (ie roasted); its colour. گيڙي مٽي، ڪٿو، ڪٿي جو رنگ، ڳاڙهسرو ناسي رنگ.

sierra (سيرا) **n** a mountain range, esp in Spanish-speaking countries and the US. جبلن جي قطار، ڪوهستان، جابلو علائقو.

siesta (سستا) **n** a midday or afternoon nap on a hot day (Sp). منجهند جو ٿوري وقت لاءِ سمهڻ، سوڀو، ڊولڪو (لنڊ جو)، لنڊڙي، سوبڙو، قيلولو، مالجهاندو.

sieve (سيو) **n, vt & vi.** a utensil with a meshed or perforated bottom for sifting or straining, generally finer than a riddle; a refuse-basket; to sift. چاڻو، ڇرڻ، ڇاڻي، صافي، ڪشنچڻ، لنگرائون پڙڇ، الي ڇاڻو، پرڻ سان ڇاڻڻ، ڪيچڻ، صفا ڪرڻ، تحقيق ڪرڻ، ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ، گند جو ٽوڪرو، ميوا وغيره ڪڻ لاءِ ٽوڪرو.

sieve plate (سيو پليٽ) **n** a perforate area by which a sieve tube connects with another. ڇاڻي تختي، سوراخ پتري.

sieve tube (سيو ٽيوب) **n** a conducting element in phloem, consisting of rows of thin-walled cells with perforations. ڇاڻ نالي، صفائيءَ نلي، سوراخدار نلين واري بيهڪ.

sievert (سيورٽ) **n** the SI unit of radiation dose equivalent, equal to one joule per kilogram (or 100 rems). جوهري اثر جو ماڻ.

sifaka (سفاڪا) **n** a lemur, typically long-tailed and black and white native to Madagascar (Malagasy). ٻولي جي جنس جو جانور، ليمر ٻولڙو، ميڊا غاسڪر جو لومڙ شڪل ٻولڙو.

siffle (سفل) **vi.** to whistle, hiss. سيٽي وڄائڻ، سيٽي، سيٽيءَ جهڙو آواز، سس جو آواز، سوسٽ.

siffleur or **siffleuse** (سفليوئر) **n** respectively, a male or female professional whistler. سيٽر يا سيٽيون وڄائيندڙ مرد يا عورت، سيٽيون وڄائڻ جو ماهر.

sift (سفٽ) **vt, vi & n.** to separate by a sieve; to remove lumps from in this way; to sprinkle from a sieve; to examine closely or minutely; to use a sieve; to pass through, or as if through, a sieve, to filter; to go through or investigate item by item; a sifting. ڇاڻڻ، وائرڻ، ڇڪاس ڪرڻ، اپرڻ، جاچ ڪرڻ، چڱيءَ طرح جاچڻ، تحقيقات ڪرڻ، ڇنڊڻ، اڪارڻ، جاچڻ، ڇڪاسڻ، صفائي.

sifting (سفٽنگ) **n** putting through a sieve; separating or sprinkling by a sieve; material separated by a sieve and rejected. ڇاڻ، ڇاڻو، ڇاڻڻ، ڇنڊڻ، آڪارڻ، ڇنڊ، صفائي، الو ڇاڻي صاف ڪرڻ.

sigh (ساهه) **vi, vt & n.** to produce a long, deep, audible respiration expressive of yearning, dejection, relief or grief; (of the wind) to make a sound similar to this; to utter, regret, while away, bring, or render, with sighs; an act of, or the sound made by, sighing. آهه ڀرڻ، شوڪارو ڀرڻ، ٿڌوساهه کڻڻ، شوڪارڻ، هوا جو سوسٽ، سڪڻ، افسوس ڪائڻ، اڀڪارڻ، ٿڌو ساهه، اڀڪارو، ساهه، سوسٽ، ٿڌي ساهه کڻڻ جو آواز يا عمل.

sight (سائيٽ) **n, vi & vt.** act or power of seeing, vision; an opportunity of seeing; a view, glimpse; estimation, judgement; a beginning or coming to

see; an instrumental observation, eg an astronomical altitude observation using sextant and chronometer to determine a ship's position when out of sight of land; visual range; anything that is seen; a spectacle; an object of especial interest; perusal; anything unsightly, odd or ridiculous in appearance; a visor; a guide to the eye on a gun or optical or other instrument; a sight-hole; skill, insight; a great many or a great deal; to catch sight of; to view; to take a sight of; to adjust the sights of a gun; to take a sight. نگاهه، نظر، ديد، لرت، بصارت، جوت، لقاء، لرت، منظر، نظارو، ڏسڻ، ڏسٽي، درشٽ، شڪل، ديدار، ديد، ڏيکاري، تماشو، نماءُ، نمائش، ڏسڻ جهڙيون شيون، بندوق جي مک، نظر اچڻ، ڏسڻ، نگاهه ڪرڻ، نظارو ڪرڻ، وجي ڏسڻ، خاص شوق، ذوق، ڏسڻ ۾ بيڊولو، بيڊنگهو، نظاريدار شيءِ، ڏيان ڇڪائيندڙ، ڇڪاس، نظر وجهڻ، مُنهن لوپ، برقعو، سانگ، نظر وجهڻ وارو سوراخ، لنڊو يا سنهو سوراخ، فن، هنر، ڪشلتا، چترائي، حڪمت، مهارت، ڪاريگري، ادراڪ، اندر جو سوجهرو، پوري شناس، واقفيت، ڄاڻ، معلومات، سوجهه، تمام گهڻو، بي انداز، نظر وجهڻ، مشاهدو ڏسي وٺڻ، پروڙي وجڻ، وڏل يا پيل نظر کي پرکي وٺڻ، بندوق يا رائيفل جي نشان يا دوربينيءَ کي درست يا صحيح ڪرڻ، نشان وٺڻ، شست ٻڌڻ، شست وٺڻ.

sighted (سائيٽيڊ) **adj.** having sight; seeing in a particular manner; having sights, as a rifle. نظر وارو، ڏسندڙ، نشان وٺڻ جي بندوبست وارو، ڪنهن خاص نموني سان ڏسندڙ، ڇڪاسيندڙ، دوربيني لڳل (بندوق، رائيفل وغيره).

sight hole (سائيٽ هول) **n** an aperture for looking through. ڏسڻ جو ڪُڙڪو، نظر رکڻ لاءِ سوراخ.

sighting (سائٽنگ) **n** an instance or the act of taking or catching sight. ديدار يا نظارو ڪرڻ، ڏسڻ، نگاهه ڪرڻ، مشاهدي نظر.

sightless (سائيٽ ليس) **adj.** wanting sight; blind; invisible; unsightly. انڌو، لڪل، نظر يا ڏسڻ ۾ نه ايندڙ.

sightline (سائيٽ لائن) **n** the line from the eye to the perceived object; the view afforded, eg of the stage in a theatre or the screen in a cinema. اک کان نظر وجهڻ واري شيءِ جي سڌ واري ليڪ، نظر ايندڙ نظارو، سئنيما جو پردو يا ٿيٽر جو نظر ايندڙ نظارو.

sightly (سائٽلي) **adj.** pleasing to the sight or eye; agreeable to look on. خوش نما، ديداري، نساهوڪو، نظاريدار، وڻندڙ، پسنديده، زيبا، ڏسڻ جهڙو، اکين کي سٺو لڳندڙ، نظر وجهڻ لائق، سهڻو.

sight-player, -reader and -singer (سائيٽ پليئر ريڊر ۽ سنگر) **n** someone who can read or perform music at first sight of the notes. لکت يا نشان واري موسيقي، پهرين نظر سان ڏسڻ شرط ڪو به موسيقيءَ جو اوزار يا ساز وڄائي سگهڻ وارو.

sight screen (سائيٽ اسڪرين) **n** a large (usu white) screen placed on the boundary behind the bowler, providing a backdrop against which the batsman can more easily see the approaching ball. (ڪرڪيٽ راند ۾) بال ڪيڏندڙ رانديگر جي سامهون لڳل اڇويا رنگين پردو جيئن هو بال کي چڱيءَ طرح ڏسي سگهي.

sight see (سائيٽ سي) **vi.** to go about visiting sights, buildings of interest etc. جاءِ ڏسڻ لاءِ وڃڻ، ديدار ڪرڻ، عمارتون يا جڳهيون ڏسڻ لاءِ وڃڻ، پنهنجي مقصد جي نظر داري ڪرڻ.

sight worthy (سائيٽ وردي) **adj.** worth looking at. ڏسڻ جهڙو يا ڏسڻ وٽان.

sigil (سجل) **n.** a seal, signet; a magical mark or sign مهر، صحي، ٺپو، جادوءَ جو نشان، طلسمي نشان.

sigillarid or sigillaria (سجيلرڊ يا سجيليريا) **n** any fossil lycopod tree of the genus, having parallel rows of seal-like leaf-scars and found chiefly in coal deposits. ڪوئلي جي کاڻين مان ملندڙ پنن پاڻڻ ٺپل وڻ، پٿر ڪوئلي جي صورت ۾ لڌل وڻ يا ٻوٽو.

sigillary (سجيلري) **adj.** pertaining to a seal. اڳوڻي وقت جي پنن پاڻڻ ٺپل وڻن جي باري ۾، ڪائي يا سينٺور جنس، ٻوٽن جي باري ۾.

sigillate (سجي ليٽ) **adj.** sealed; with seal-like impressions. ٺپو يا مهر لڳل، مهر جهڙو نشان ٺپل.

sigla (سگلا) **n pl.** abbreviations, symbols and signs, as used in manuscripts, seals, etc (L). نشاني، گهٽ ڪري لکيل حرف، نشانيون، مهرون، لپا.

sigma (سگما) **n** the eighteenth letter (early form C) of the Greek alphabet, corresponding to s; the symbol s, used in mathematical notation to indicate summation of the numbers or quantities given. يوناني آلفابيٽا جو ارڙهون اکر، انگريزي 'ايس' يا 'سيءَ' جهڙو نشان، يوناني اکرسگما نشان جو حساب ۾ جوڙ ڪيل انگ ڏيکارڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ نشان.

sigmate (سگميٽ) **adj.** shaped like 'C' or 'S'; to add S or V to. سگما جي شڪل واري بيهڪ، سگما وانگر يا سي ۽ ايس وانگر بيهڪ، ايس يا وي اکر لڳائڻ (نشانيءَ طور)

sigmatic (سگميٽڪ) **adj.** characterized by sigma. سگما جو نشان لڳل.

sigmation (سگميشن) **n** the adding of s or v at the end of a syllable. ڪنهن به اکر سان گڏ سگما جو نشان لڳائڻ.

sigmatism (سگميٽزم) **n** repetition of the s-sound. ايس جو آواز دهرائڻ.

sigmatron (سگميٽرن) n a machine consisting of two accelerators (cyclotron and betatron), for the generation of very high-energy X-rays.ايڪسري تصوير ڪڍندڙ مشين.

sigmoid or sigmoidal (سگمائڊ آر سمائڊل) adj. c-shaped; s-shaped..ليڊو يا ايس جي شڪل وانگر بيهڪ وارو. ليڙو، خمدار، معڪس خر، ٻه خمي، ابتو.

sigmoidectomy (سگمائڊيڪٽامي) n removal of the sigmoid colon.(وڏي آنڊي جي وڍ لڪ، ٻه خمي قولون (وڏي آنڊي) تراشي، ليڙي آنڊي جراحي.

sigmoidoscope (سگمائڊو اسڪوپ) n an instrument inserted through the anus and used for examining the interior of the rectum and sigmoid colon,ٻه خمي ٻين، وڏو آنڊو خر ٻين، وڏي آنڊي کي تپاس وارو اوزار (جيڪومقعد رستي اندر داخل ڪري تپاس ڪئي ويندي آهي)

sigma particles (سگما پارٽيڪلس) n three hyperons of medium mass, having respectively positive, neutral and negative charge,ٽي جوهري جزا (جيڪي ٽن مختلف خوبين وارا هوندا آهن).

sigmoid flexure (سگمائڊ فليڪسچر) n a C-shaped or s-shaped bend; the s-shaped terminal part of the descending colon that leads to the rectum.سيءِ يا ايس جي صورت وارو وڪڙ، وڏي آنڊي جو آخري حصو جيڪو سيءِ اکريا ايس اکر جي صورت ۾ هوندو آهي.

sign (سائين) n, vt & vi. a gesture expressing a meaning; a signal; a mark or stamp with a meaning; a symbol; an emblem; a token; indication; a portent; a miraculous token; an ensign, banner; an indication of positive or negative value or that indicated; a device marking an inn; a board or panel giving a shopkeeper's name or trade; an effigy; a mere semblance; an indication; an outward or objective indication of a disorder or disease, perceptible to an examining doctor; a trail or track of a wild animal, perceptible to a tracker; a trace; a twelfth part (30°) of the zodiac, bearing the name of, but not now coincident with, a constellation; to indicate, convey, communicate, direct or mark by a signor signs; to mark; to attach a signature to; to write as a signature; to designate by signature; to engage by signature; to betoken; to cross, make the sign of the cross over; to make the sign of; to make a sign; to sign one's name; to use sign language; to bode, promise..اشارو، پار پتو، سام، ارڪان، اهڃاڻ، سوڻ، آثار، نشان، نشاني، ريکا، چڻ، علامت، برج راس، ناليءَ جي تختي، ناليءَ جي پٽي، ڏس، اثر، ڪرامت، ڳهر راس، برج، دستخط، صحيح، ڪنهن هوٽل يا مسافر خاني جي نشاني، دڪان جي ناليءَ جي تختي، بت، ڪلو، بوتو، ٻاهران نظر ايندڙ بيماريءَ يا تڪليف جو اهڃاڻ، جانور جوپير، کر، نشان، پڌائڻ، ڏسڻ، اشارو ڪرڻ، لهه وچڙ ۾ اچڻ، مواصلاتي تعلق قائم رکڻ، نشاني ڪرڻ، علامت ثابت، صحيح ڪرڻ، اشارو ڪرڻ، حڪم ڪرڻ، درخواست ڪرڻ.

signage (سگنيج) n the arrangement or design of a sign or signs; signs collectively; the use of sign language (esp by the deaf) as a means of communication; an act or instance of this.اشارا ڏاهڻ (خاص ڪري ٻوڙن ۽ گونگن لاءِ)، ٻوڙن ۽ گونگن لاءِ تيار ڪيل اشارا.

signal (سگنل) n, adj, vt & vi. a sign to communicate intelligence, orders etc at a distance; an intimation, eg of warning, conveyed over a distance; a transmitted effect conveying information; the apparatus used for the purpose; a piece of play intended to give information to one's partner; an intimation of, or event taken as marking, the moment for action; an initial impulse; worthy of note; to intimate, convey, or direct by signals; to signalize; to make signals..اشارو، نشاني، علامت، نشان، ڪانٽو، خبردار ڪرڻ لاءِ ڪنهن قسم جو اشارو يا نشاني، خبر ڏيڻ، اطلاع ڪرڻ، هوشيار ڪرڻ، لڪل طور يا خفيه طور پڌائڻ، اشارن ۾ پڌائڻ، نشانن وسيلي نياپو موڪلڻ، اشارو ڏيڻ، هٿ ڏيڻ، وڻندڙ، ڌيان ڇڪائيندڙ، ڌيان ڇڪيندڙ، اشارن ۾ پڌائڻ، اشارو ڪرڻ، لڪل اشارو ڪرڻ، اڳ مقرر ڪيل اشاري رستي اطلاع ڪرڻ.

signal box (سگنل باڪس) n a railway signal-man's cabin or an automatic or semi-automatic control point for the signals for all railway lines in a section.ريلوي ۾ سگنل ڏيڻ واري جوخالو يا پيٽي، سگنل واري جو دڪو.

signal letters (سگنل ليٽرس) n four letters by which an individual ship may be identified.چار اکر جن رستي ڪو ٻه بحري جهاز سڃاتي سگهجي.

signal man (سگنل مئن) n a person who transmits signals; a person who operates railway signals.(ريلوي ۾) ڪانٽي مٽائڻ وارو.

signal peptide (سگنل پيپٽائيڊ) n a short N-terminal peptide sequence involved in the passage of a protein across a membrane.(جسم اندر) قوت کي عضون اندر ڪئي ويندڙ جزو يا خامرو.

signary (سگنري) n a system of symbols, as an alphabet or syllabary. نشانن جوطريقو،اکرن وانگر نشانيون ثابت.

signatory (سگنٽري) adj, n. relating to the signing of a documents; one who has signed a document,

agreement, treaty etc.قبوليت يا اهڙي قسم جي ڪاغذن جي باري ۾. قبوليت يا ڪاغذن تي صحي ڪندڙ ماڻهو. صحي پائيندڙ. ميجتا ڏيندڙ. لکيت ڏيندڙ. لکت ۾ قبوليندڙ.

signature (سگنيچر) **n** a signing; a mark impressed; a signed name; a distinctive mark or stamp; an indication of key, also of time, at the beginning of a line of music, or where a change occurs; a letter or numeral at the foot of a page to indicate sequence of sheets; a sheet so marked; the pages formed by such a sheet when folded and cut; in a plant, a distinctive feature of shape or marking once believed to be a symbolic indication of its (esp medicinal) properties, a kidney-shaped leaf, for instance, indicating the plant's capacity to cure kidney disease; a signature tune; the indication of the presence of an aeroplane on a radar screen or a submarine on a sonar screen..صحي، نشان. نشاني ٺپو، مهر، علامت، آرٽاڪ، دستخط. موسيقيءَ جون نشانيون. صفحي تي پيل نشان يا انگ. پني کي ورهائي صفحن واري صورت ۾ آڻڻ. ٻوٽن جي مخصوص بيهڪ (جيڪا انهن کي هڪ ٻئي کان الڳ ڪري ٿي). ٻڪيءَ صورت ٻوٽي جو پن (جيڪو ٻڪيءَ جي بيمارين ۾ علاج طور ڪتب ايندو آهي). ظاهري صورت پنيان لڪل خوبيون. ريڊارتي نظر ايندڙ آس پاس ۾ موجود هوائي جهاز. بحري جهاز يا آبدوز.

signature tune (سگنيچر ٽيون) **n** a tune used to introduce, and hence associated with, a particular radio or television programme, group of performers, etc.تعارفي سر (جيڪو ڪنهن پروگرام شروع ڪرڻ کان اڳ وڄائبو آهي ۽ ان پروگرام جي سڃاڻپ سمجهيو ويندو آهي).

signboard (سائن بورڊ) **n** a board bearing a notice or occupation or serving as a shop or inn sign.نامر تختي، نشان ڏيکارڻ جو تختو. نشان تختي.

signet (سگنيٽ) **n** a seal; the impression of such a seal; a signet ring; one of the royal seals for authenticating grants; to stamp or authenticate with a signet.ننڍي مهر. آڱوٺي جي مهر ڇاپ. منڊيءَ جي مهر. ٺپو وغيره. مهر هڻڻ . تصديقي مهر هڻڻ. مهر هڻي تصديق ڪرڻ.

signet ring (سگنيٽ رنگ) **n** a ring with a signet.نشانيءَ واري منڊي. مهر واري منڊي.

significance (سگني فيڪنس) **n** meaning; import; the quality of being significant; a value of probability at which a particular hypothesis is held to be contradicted by the results of a statistical test..معني، مراد. مطلب. اهميت. قدر، وزن. ضرورت. زور. قوت. ڪنهن شيءِ بابت اندازي طور ڪٿيل رقم يا ملهه.

significant (سگني فيڪنٽ) **adj.** signifying something; having a meaning; full of meaning; important, worthy of consideration; indicative; that which carries a meaning; a sign.معنيٰ وارو. ضروري. اهم. معنيٰ ڀريو. وڏو. عظيم. قابل توجهه. اشارو. نمايان. پڌرو. واضح. معنيٰ خيز. پرمطلب. قابل لحاظ. با معنيٰ. نشان. دستخط. صحي. نشاني.

signification (سگني فڪيشن) **n** act of signifying; that which is signified; meaning; import; sense; importance. معنيٰ. مراد. اهميت. مطلب. مدعا. اشارو. اظهار. ضرورت. افاديت. بيهڪ. اثر. خوبي.

significative (سگني فڪيٽو) **adj.** signifying; indicate; significant. اشارو ڏيندڙ. ساک ڏيندڙ. وضاحتي.

significator (سگني فڪيٽر) **n** a planet ruling a house. گرهه جنهن جو ڪنهن خاندان تي اثر هجي.

significs (سگني فڪس) **n sing.** the science of meaning. معنيٰ جو هنر. معنيٰ جي سائنس.

signify (سگني فاءِ) **vt & vi.** to be a sign for; to imply; to import; to mean; to denote, to betoken; to indicate or declare; to be of consequence..پڌائڻ. ڄاڻائڻ. ظاهر ڪرڻ. اهڃاڻ ڏيڻ. (جي) معنيٰ رکڻ - هئڻ. (جو)اهڃ ڏيڻ. بيان ڪرڻ. ڏيکارڻ. ضروري هئڻ. وڏو. معزز. خانداني اثر رسوخ وارو هئڻ.

sign language (سائن لئنگئيج) **n** a means of communication using finger and hand movements, used by the deaf.اشارن جي ٻولي. ٻوڙن ۽ گونگن جي اشارن ۽ نشانين واري زبان.

sign off (سائن آف) to record departure from work; to stop work; to discharge from employment; to announce the end of broadcasting or a broadcast; to signal that one does not intend to bid further.ڪم بند ڪرڻ. نوڪريءَ مان ڪڍڻ. نشريات پوري ڪرڻ. پروگرام کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪرڻ. اشارو ته اڳتي ڪو ڪم نه بچيو آهي. يا وڌيڪ واڪ ڏيڻو ڪونهي.

Signor, Signior or **Signore** (سائنر) **n** an Italian title or form of address equivalent to Mr or Sir; a gentleman. سائين. جناب. محترم. صاحب. وڏو ماڻهو. عزت وارو. معزز. عزت ماب.

Signora (سنورا) **n** feminine of Signor, Mrs; Madam; a lady. سائڻ. بيگم. محترم. خانداني عورت. وڏ گهراڻي.

signoria (سائنوريه) **n** a seignory, the governing body of an Italian city-state.اطالويءَ شهري حڪومت جي اختياراتي ڪائونسل.

Signorina (سائنو رينا) **n** Miss; an unmarried lady; a young lady.ڪنواري. اڻ پرڻيل نوجوان ڇوڪري. غير شادي شده. جوان عورت.

sign-painter (سائن پينٽر) **n** one who paints signs for shops etc.دڪانن جا پٽيون يا تختيون چاپيندڙ، نشانيون ناهيندڙ، اشتهاري پوسٽر ناهيندڙ.

sign post (سائن پوسٽ) **n** a post on which a sign hangs; a finger-post or post supporting road signs; an indication, clue; to provide with a sign post; to point out as a signpost does, clearly, conspicuously or so obviously as to seem to be catering for imbeciles. ڏسٽوٽيو، روڊ تي اشارن جا ٿنڀا يا جايون، اشتهاري تختي يا ٿنڀو.

sign up or **on** (سائن اپ آر آن) **vt** or **vi.** to engage for a job by signature; to record arrival at work; to register for unemployment benefit.نشان ڪرڻ، نشان وجهڻ، حاضري لڳائڻ، نوڪريءَ تي اچڻ جي نشاني، بنا نوڪريءَ هئڻ واري حالت درج ڪرائڻ (خيرات حاصل ڪرڻ خاطر).

sign-writer (سائن رائٽر) **n** an expert in lettering for shop signs. اشتهار لکندڙ، دڪانن جا اشتهاراتي بورڊ ناهيندڙ.

sijo (سجو) **n** a Korean verse form of three lines each of four groups of syllables, orig sung with musical accompaniment (Korean). ڪوريا جو ٽن سٽن وارو شعر.

sika (سڪا) **n** a deer of Japan and E Asia, similar to the fallow deer in size and with a spotted coat in summer (Jap). جپاني هرڻ، جپاني ٻارنهن سڱو هرڻ.

sike or **syke** (سائڪ) **n** a rill or small ditch..نديءَ ڪڊ، نهر، ڪلو، ندي، نالي، واهي، چشمو، جهرڻو، ڪڙيو.

Sikel (سڪل) **n** & **adj.** Sicilian..سسليءَ جي پراڻن ماڻهن بابت، سسليءَ جو رهاڪو يا باشندو.

Sikh (سک) **n** an adherent of a monotheistic religion established in the 16c by those former Hindus who rejected the authority of the Vedas, taking the Granth as their scripture; a Sikh soldier in the Indian army (Hindu).سورهين صديءَ ۾ هندو ڌرم کان جدا ٿي نئون ڌرم جوڙيندڙ اهو جٿو جنهن ويدن کي سچو ڪان انڪار ڪندي هڪ خدا جي تصور کي قبول ڪيو ۽ گرنٿ کي پنهنجو پاڪ ڪتاب ڪري مڃيو، سک برادريءَ وارو، سک مذهب سان تعلق رکندڙ، هندستاني فوج جو سک سپاهي.

sikorsky (سڪارسڪي) **n** any of various helicopters that are versions of the first successful helicopter that flew in 1939. هيليڪاپٽر جو قسم.

silage (سليج) **n** & **vt.** any green crop (such as grass or clover) harvested, compressed, fermented and stored for use as animal fodder, ensilage; to harvest and store a green crop in this way..سانڍ فصل گاهه، سانڍيل گاهه، سانڍيل سائو گاهه، محفوظ ڪيل گاهه، رکيل چارو، چاري جي فصل مان تيار مال جو چارو.

silane (سلين) **n** a gas, silicon hydride, Si_1H_4, used in the production of semiconductors; also applied to a group of silicon hydrides incl disilane and trisilane. گئس جيڪا پسرائيندڙ مادو تيار ڪرڻ جي ڪم ايندي آهي.

Silastic ® (سلاسٽڪ) **n** a flexible silicone rubber, used in the manufacture of artificial limbs etc.لچڪدار ربڙ جو هتراڏو عضون ناهڻ ۾ ڪتب اچي ٿو.

sild (سلڊ) **n** a young herring (Norw).هيرنگ جو ٻچو يا ڪچي مڇي، ڪارلي يا گيڙي مڇيءَ جو ٻچو.

sile or **seil** (سائل) **vt, vi.** & **n.** to strain; to rain heavily; a strainer..ڇاڻڻ، ڇڪڻ، ڇاڻڻ، وڏو مينهن پوڻ، تيز برسات پوڻ، ڇاڻو.

silence (سائلينس) **n** & **vt.** quiet; absence of sound or motion, stillness; omission of, or abstension from, sounding, speech, mention, or communication; a time of such absence or abstention; a state of not, or no longer, being spoken about; taciturnity; the state of being forgotten, oblivion; secrecy; (of distilled spirits) flavourless, odourlessness; to cause to be silent; be silent.سانت، چپ چپات، ماٺ، خاموشي، سن سنات، آرام، پوشيدگي، خاموشي، گنگ پوڙ، بس، پنهنجو ڏني ڇڏڻ، چپ ڪرائڻ، زبان بند ڪرائڻ، گپ چپ، سائيشائي، لاجواب ڪرڻ، (بحث ۾) ٻيهارڻ، (ڪنهن جي) زبان بند ڪرائڻ.

silenced (سائلينسڊ) **adj.** brought to silence; (of a priest) forbidden to preach.چپ ڪرايل، بنديل، خاموش ڪرايل، زبان بندي ڪرڻ، (پادريءَ) تي تبليغ ڪرڻ تي پابندي وجهڻ.

silencer (سائلينسر) **n** one who or a thing that silences; a device for reducing the sound of escaping gases by gradual expansion, used for small-arms and internal combustion engines.آواز روڪ اوزار، (جيڪو گاڏيءَ ۽ بندوق وغيره ۾ هڻيو ويندو آهي).

silene (سائلين) **n** a flowering plant of the genus incl the campions, catchfly and many cultivated spe ڪيترائي جهنگلي يا باغ وارا گل ڏيندڙ ٻوٽا.

silent (سائلينٽ) **adj.** noiseless; dumb; mute; without sound; unaccompanied by sound; tacitum; refraining from speech, mention, or divulging; taciturn; not pronounced; (of distilled spirit) without flavour or odour; inoperative; (of the new moon) not yet visible; a time of silence; خاموش، چپ، ماٺ..

ساڪن، ڪاڪت، بيئل، ماٺيڻو، سنسان، بند، سامت، ماٺ ۾، مو ۾،بند (هوا)، مـحـدوله، بي بو، بنا ٽپ جي، (لشـون چنڊ) نظر نه ايندڙ، خاموشيءَ جو وقت.

silent film (سائلينٽ فلم) n a cinema film which has no accompanying synchronized sound-track.گونگي فلم، بي آواز فلم، خاموش فلم.

silentiary (سائلينٽري) n an official who calls for silence, esp an official of the Byzantine court; someone who observes or recommends silence.ماٺ ڪرائيندڙ، (خاص ڪري عدالت جوعملدار)، ماڻهو جيڪو چپ ڪرائي، گوڙ بند ڪرائي.

silently (سائلينٽلي) adv. in a silent manner; without making any sound or motion. چپ چپات ۾، خاموشيءَ سان، بنا آواز يا چرپر جي، لڪ لڪاءَ ۾، ماٺ ميٺ ۾، لڪ چپ ۾.

silent majority (سائلينٽ ميجارٽي) n those, in any country the bulk of the population, who are assumed to have sensible, moderate opinions though they do not trouble to express them publicly.عوام جو وڏو يا گهڻو حصو جيڪو ڪجي نه ۾ برداشت سپ ڪجهه ڪري، خاموش تماشائي.

silent partner (سائلينٽ پارٽنر) n a sleeping partner. ڀائيوار جيڪو ڌنڌي لاءِ صرف موڙي فراهم ڪري، خاموش ڀائيوار، خاموش حصيدار، غير متحرڪ ساٿي.

silenus (سائلينس) n a woodland god or elderly satyr; the chief of the satyrs, foster-father of Bacchus, represented as a pot-bellied, bald, snub-nosed old man; the lion-tailed macaque genus.گنجو ۽ پيٽ لڪتل ماڻهو، جهنگ جو ديوتا بيڪس، لڱو يا سنيالينڊڙ والد، ٿلهو ۽ پيٽ لڪتل ماڻهو، شينهن جي پڇ جهڙي پڇ واري پولي جي جنس.

silesia (سائليسيا) n a thin, twilled cotton or linen used for lining clothes, orig made in Silesia, part of Poland. سنهو سوٽي يا لين جو ڪپڙو جو استر لاءِ ڪتب ايندو آهي

silex (سائليڪس) n silica of quartz; a heat-resistant and shock-resistant glass formed of fused quartz.چقمقي پٿر، سنگ چقمق، شيشي ٺاهڻ ۾ ڪم ايندڙ بلوري معدن.

silhouette (سلوئي) n a profile portrait of an object or esp a person, consisting of an outline filled in with dark colour; an image of anything against a lighter background in which only the outline is seen in detail; an outline; to represent or show in silhouette.هڪ پاسي واري تصوير يا خاڪو، پاڇو، پاڇي صورت تصوير يا بيهڪ، خاڪي صورت بيهڪ ڏيڻ.

silica (سليڪا) n & adj. dioxide of silicone or silicic anhydride, occurring in nature as quartz, chalcedony, and (amorphous and hydrated) as opal; composed of silica.(جنهن هڪ مادو جو پٿر ۽ واريءَ ۾ ملي ٿو مان شيشو ٺهندو آهي)، بلوري ڌاتو، شيشي جو مرڪب، اهم معدن، بنيادي معدن، ريت، ريگ، واري، ريتي، ٻالو، چيڪي مٽي، واريءَ جو اهم جزو.

silicate (سليڪيٽ) n compound of silica with certain bases considered as one of the largest group of minerals, all of which are composed of silicon, oxygen and one or more metals, with or without hydrogen; any salt of silicic acid or derived from silicon; to combine, coat, or impregnate with silica or silicates.سليڪا مليل لوڻ، اهم معدن، بنيادي معدن، بلوري ڌاتوءَ سان ملائي ڪم آڻڻ، سليڪا ملائڻ، ريت، لوڻ، ٻالو لمڪيات.

siliceous or silicious (سليشس) adj. pertaining to, containing, or like silica. ريتيلو، ريگي، واريدار، ٻالو (مٽي) دار.

silicic (سليڪڪ) adj. pertaining to, or obtained from, silica. بلوري ڌاتوءَ مان حاصل ڪيل، بلوري ڌاتوءَ بابت.

silicic acid (سليڪڪ ائسڊ) n a general name for a group of acids. سليڪا تيزاب.

silicicolous (سليسيڪولس) adj. growing in siliceous soil. ريگ باش، ريت باش.

silicide (سليسائيڊ) n a compound of silicon and another element. سليڪا جو مرڪب، ريت مرڪب.

siliciferous (سليسيفرس) adj. containing silica.سليڪا مليل، سنگ مليل.

silicify (سليسيفاءِ) vt. to render siliceous; to impregnate or cement with or replace by silica; to become siliceous. سليڪا ملائڻ، پڪوڪرڻ، سخت ڪرڻ.

silicon (سليڪون) n a non-metallic element (symbol Si; no 14) of which silica is the oxide, most abundant of all except oxygen, forming grey crystals or brown amorphous powder and having semiconducting properties..ريتي، واري، ريگ، ٻالو، غير ڌاتوي عنصر، جن جو غير قلمي پائوڊر رنگ جو ڀورو ٿئي ٿو.

silicone (سليڪون) n any of a number of extremely stable organic derivatives of silicon, used in rubbers, lubricants, polishes etc.سليڪون مان ملندڙ ناميا تي عنصر جيڪي ربڙ، تيل ۽ پالش ۾ استعمال ٿيندا آهن.

silicon valley (سليڪون ويلي) n a district or area in which there is a concentration of information technology industries (orig Silicon Valley in California).سليڪون ملڻ واري جاءِ، آمريڪي رياست ڪيليفورنيا جو علائقو جيڪو سليڪون مادي سان ڀريو آهي.

silicosis (سليڪوسس) n a disease of lungs caused by

the prolonged inhalation of silica dust.ڦڦڙن جي بيماري
جيڪا سليڪا سنگهڻ سان ٿئي. سليڪون جي ڌڙ جو ساهه رستي
ڦڦڙن ۾ وڃڻ ڪري ٿيندڙ مرض.

silicula (سليڪيولا) **n** a dry fruit consisting of a short, broad pod of similar structure to a siliqua.ڏوڏي.
ننڍي ڦري. خشڪ ميوو. خشڪ ميوي جي ڦري.

siliqua or **silique** (سليڪوئا) **n** a carat; a type of dry fruit consisting of long, somewhat cylindrical pod of two carpels divided by a partition, which splits to allow the seeds to escape, characteristic of cruciferous plants.قيراط ماپ وارو ٻج جو دائو. ڦريءَ مان ملندڙ
ٻج يا دائو. ڊگهو لوهي سورت ٻج جو دائو. ننڍي يا وڏي خشڪ
ميوي جو دائو.

silk (سلڪ) **n, adj, vt.** a fine fibre produced by the larva of a silkworm moth, mainly of fibroin coated with sericin, formed by the hardening of a liquid emitted from spinning-glands; a similar fibre from another insect or a spider; an imitation made by forcing a viscuous solution of modified cellulose through small holes; a thread, cloth, garment, or clothing made from such fibres; the silk gown, or the rank, of a queen's counsel; the styles of maize; silky lustre in the ruby; to cover with silk. ريشم. پٽ. حرير. ريشمي. چمڪندڙ ڪپڙو. ابريشم.
سيمل. ڪچو ريشم. ريشمي تند. ريشم جهڙو ڪپڙو يا ڌاڳو تيار
ڪرڻ. مصنوعي ريشم. ريشم مان تيار ڪيل پوشاڪ. ريشمي جبو
پائيندڙ وڪيل يا عهديدار. مڪائي جي ڪلنگي. مڪائيءَ جو ڦندڻ.
پٿر کي ريشم جهڙي چمڪ ڏيڻ.

silk cotton (سلڪ ڪاٽن) **n** the silky seed-covering of Eriodendron anfractuosum and other trees of the family Bombacaceae.سيمل سنبل. سنبل جي گلن مان حاصل
ڪيل ريشم. ريشمي ڪپهه. ريشمي تهه.

silken (سلڪن) **adj.** made of, like or clad in silk; glossy; soft and smooth; ingratiating; luxurious; to make silken..لسو. بخملي. پٽ جو. نرم. ملائم. ريشمي.
ملائم. پٽ جو نهيل. ريشم وانگر. حريري. پٽ جهڙو. پٽ وانگر.

silk gland (سلڪ گلئنڊ) **n** a gland (at a silkworm's mouth, on a spider's abdomen) from which silk is spun.ريشم جي ڳوڙهي (جنهن مان ريشم جي تند نڪري). (ڪيڙي
۾) غدود ريشم.

silk-grass (سلڪ گراس) **n** a name for various plants with fibrous leaves, Yucc, Agave etc.ريشمي تندن وارا
ٻوٽا. ريشمي ٻوٽا.

silk hat (سلڪ هئٽ) **n** a top hat.ريشمي ٽوپ. سهڻو ۽ وڏو
ٽوپلو. وڏو ماڻهو. اداري جو سربراهه.

silkie or **silky** (سلڪي) **adj, n.** made of silk; like silk; soft and smooth to the touch; a seal (the animal).(ريشمي. پٽ جهڙو. بخملي. سلڪي. نرم. ملائم. ريشم
جهڙو. سيل جانور. سامونڊي شينهن.

silk-screen (سڪل اسڪرين) **n** a print produced by the silkscreen process, a printmaking process in which silk (or now more usually a man-made fibre) is stretched and attached to a frame with stencils attached to the underside of the fabric mesh, colour then being forced through the upper side of the mesh, using a rubber squeegee, on to those areas of the print not blocked out by the stencil.ريشمي
ڪپڙ ي تي (تندو ڪڏي يا سيري) ڇٽ تيار ڪرڻ ۽ ائهن ڇڻ رستي
ڪپڙي تي گلڪاري ڪرڻ. ڇيٽ يا چر جو ڪم جيڪو ريشمي
جاريءَ رستي ڪيو وڃي. جاري ڇاپيڪاري نمونو.

silk worm (سلڪ ورم) **n** any of various worms or moths whose larva produces silk; opprobriously, a wearer of silk; someone who haunts drapers' shops without buying..پٽ جو ڪيڙو. ريشم جو ڪينئون.
ريشم اندڙ. بوسڪي. دڪانن ۾ هرويرو گهمندڙ. بوسڪي تيار
ڪندڙ. بوسڪي پائيندڙ.

sill or **cill** (سل) **n** a horizontal length of timber, stone, at the foot of a door, window, embrasure, port, dock-entrance; the bottom of a title-page, a plough, a ledge; a bed of rock; a sheet of intrusive rock more or less parallel to the bedding. چائنٺ.
چوڪ. اُمريو. ننڍي ڪتابي صفحي جو هيٺيون حصو. هر جبل يا
ٽڪريءَ جو هيٺيون حصو. ٽڪريءَ جو ترو. ڪاڻ ترو. پرلنڊ جبل.

silladar (سليدار) **n** an irregular cavalryman (Urdu and Persian).غيرسرڪاري فوجي. هندستاني فوج جو غير مستقل
ڪارڪن.

sillimanite (سلمنائٽ) **n** a mineral, Al_2SiO_5, aluminium silicate in the form of orthorhombic crystals, occurring in argillaceous metamorphic rocks.
اليو مينيم سليڪيٽ. قلمي صورت ۾ هلڪي ناسي يا سائي رنگ ۾
نيم جواهر ڌاتوي عنصر.

sillock (سلاڪ) **n** a young coalfish.مڇيءَ جو قسم. ڪچي
مڇي.

silly (سلي) **adj & n.** week in intellect; foolish; unwise; feeble-minded; witless, stupid; lacking in good sense; not well thought out; frivolous; nonsensical, absurd; dazed, stunned; harmless; defenceless; simple, humble; pitiable, (of a fielding position) very near the batsman; a silly person..son. الاڙي. ڄٽ. مورک. چريٽ. ٻوڙو. جاهل. البيلو. سادو سودو.

بي وقوف، ڪتڙيل، نادان، چسو، بي عقل، ڪيتڙيل، ڪيتڙيالو، سفلو، بيهودو، بي ونس، احمقالو، چتپائيءَ جو، جاهليت جو. (ڪرڪيٽ راند ۾) راند ڪيڏڻ واري رانديگر جي سامهون ويجهو بيٺل رانديگر.

silly money (سلي مني) **n** absurdly or unthinkably large quantities of cash.ڪارو نائو، وڏي دولت، تمام گهڻو نقد نائو پاڻ سان رکڻ.

silly season (سلي سيزن) **n** a time of year, usu late summer, when newspapers print trivial matters for want of more news-worthy material.اخبارن جي موڙيءَ جو وقت جڏهن انهن وٽ ڇپڻ لاءِ خاص مواد يا تازو مواد نه هجي.

silo (سلو) **n** a pit or airtight chamber for storing grain, or for ensilage, or for storing other loose materials; a storage tower above ground, typically tall and cylindrical; an underground chamber housing a guided missile ready to be fired; to put or keep in a silo.گندي، تهه خانو، گاهه يا ان جو پالدو، هوا بند گدام، گاهه سانڍڻ جو گدام، چاري جو گدام، گاهه پندار، سائلو، سائي گاهه وارو حوض، گهر يا ڪنهن جاءِ جو زمين دوز حصو (جتي خاص شيون يا خلا ۾ هلائڻ وارا ميزائيل رکيل هجن ۽ ضرورت وقت استعمال ڪري سگهجن).

silphium (سلفيم) **n** a plant imported from Cyrenaica by the Greeks for use as a food and in medicine; a genus of American composites, compass-plants..جڙي بوٽي، بوٽو جيڪو کاڌي طوريا دوا ۾ ڪتب اچي، آمريڪا جو هر مرض لاءِ بوٽو، طبي بوٽو.

silt (سلٽ) **n, vt & vi.** fine sediment deposited by a body of water; to fill, choke, block or cover with silt; to become silted up.لٽ، رَڙ، واري، مٽي، لٽين، ريٽ، لٽ واري مٽي، تهه وارو مادو، مٽيءَ جو جزو جيڪو چيڪي مٽيءَ ۽ واريءَ جي وچٽري ماپ وارن ذرڙن مان ٺهيل هجي.

silurid (سلارڊ) **n** any freshwater fish of the family, including the European catfish, wels or sheatfish, having an elongated, silmy, scaleless body and a long anal fin.مڇي، مڇي جي جنس، ڪکي جنس جي بنا چلرن واري مڇي.

silva or sylva (سلوا) **n** the assemblage of trees in a region. ٻيلو، جهنگ، وڻڪاري خطو، هڙي.

silver (سلور) **n, adj & vt.** a white precious metal (symbol A g; atomic no 47); silver money; silverware; silver-plate or cutlery, sometimes even when not of silver; a silver medal; of or like silver; silver-coloured; clear and ringing in tone; to cover with silver; to make silvery; to become silvery. چاندي، روپو، نقره، سيم، چانديءَ جا روپيه، ٿالو، اڇو ڪرڻ، چاندي چاڙهڻ، قلعي ڪرڻ، خالص سفيد ڌاتوي عنصر جيڪو هوا ۾ آڪسيجن جو اثر نٿو وٺي ۽ ساڳي حالت ۾ قائم رهي ٿو، چانديءَ جا ٿانو، باسڻ.

silver age (سلورايج) **n** the reign of Zeus, second of the ages of the world, following and less innocent than the Golden Age of Kronos; in Latin literature, the time of Martial, Tacitus and Juvenal..چانديءَ جو دؤر، سونهري دؤر کان هلڪو دؤر، دنيا جو ٻيو دؤر، دنيا جو هڪ گذريل دؤر.

silver-bath (سلور باٿ) **n** a solution of a silver salt, or a vessel for it, for sensitizing plates.چانديءَ جو پاڻي چاڙهڻ، چانديءَ جو ملمع ڪرڻ.

silver bell (سلور بيل) **n** any of various deciduous trees or shrubs of the genus Halesia, native to N America and China, having bell-shaped silvery-white flowers.اترآمريڪا ۽ چين جا ڪجهه وڻ جن جا پن چانديءَ جي رنگ وارا آهن.

silver bill (سلور بل) **n** the name of two species of the genus Lonchura of weaver-finches, with silvery sheen to their bills.چڪ چڪو پکي، قدي يا ٻوڙيي پکين جا قسم، چانديءَ رنگ جي چهنب وارا پکي.

silver birch (سلور برچ) **n** a species of birch, Betula pendula, with silvery-white peeling bark.چانديءَ جي رنگ يا اڇي ڇوڏي وارو صنوبر جو وڻ.

silver fir (سلور فر) **n** a European Fir, abies alba, with shiny needles, green on top and silvery beneath; an important timber tree; a small Japanese fir, with notched needles banded with silver underneath. رويو صنوبر ٻوٽو يا وڻ.

silver fish (سلور فش) **n** any wingless primitive insect of the genus Lepisma which feeds on starch in wallpaper, book-bindings; a silvery-white goldfish or other silvery fish.ڪتابن کي ناس ڪندڙ چمڪندڙ کل يا تهه وارو جيت، سونهري اڇي مڇي جيڪا گهرن ۾ پالي ويندي آهي.

silver fox (سلور فاڪس) **n** an American red fox in a colour phase in which the fur is black with white tips; this fur. لومڙ، آمريڪي اڇو لومڙ يا اڇن لڪن وارولومڙ.

silver-glance (سلور گلانس) **n** a mineral, native sulphide of silver. چانديءَ وارو معدني عنصر.

silver-grain (سلور گرين) **n** medullary rays in longitudinal section. ترورو، صنوبر جي وڻن تي ايريل چمڪندڙ ليڪون يا نشان.

silvering (سلورنگ) **n** act or operation of coating with, or of, silver or quicksilver. چانديءَ جوتهه چاڙهڻ، چانديءَ سان ملمع ڪرڻ.

silver iodide (سلور آيوڊائيڊ) n a yellow powder that darkens when exposed to light, is used in photography, is scattered on clouds to cause rainfall, and has various medical uses. ڦڪو ڇورو جو فوٽوگرافيءَ ۾ استعمال ٿئي ٿو (هيءُ مادو ڪڪرن تي ڇٽڻ سان الهن ڪي وسائيندو آهي)، بارش آور مادو، طبي مادو.

silverize (-ise) (سلورائيز) vt. to coat or cover with silver. چاندي چاڙهڻ، چانديءَ سان ملمع ڪرڻ.

silver jubilee (سلور جوبلي) n a twenty-fifth anniversary ٢٥ پنجويهين ورسي، ٢٥ سالن ڪاليوءَ ٿيندڙ جشن.

silver leaf (سلور ليف) n silver beaten into thin leaves; a disease of plum trees. چانديءَ جو ورق، روپو ورق،چانديءَ جهڙو پن، آلو بخاري جي وڻ جي بيماري.

silver lining (سلور لائننگ) n a redeeming aspect of an otherwise unpleasant or unfortunate situation. ڪنهن خراب صورتحال ۾ روشنيءَ يا اميد جو ڪرڻو.

silver medal (سلور ميڊل) n (in athletics competitions) the medal awarded as second prize. چانديءَ جو تمغو، ٻيو.

silvern (سلورن) adj. made of silver; silvery. چانديءَ جو، روپو، چانديءَ مان ٺهيل، چمڪندڙ.

silver nitrate (سلور نائٽريٽ) n a poisonous colourless crystalline salt that turns grey or black in the presence of light or organic matter, and has uses in photography, as an antiseptic. چانديءَ جولوڻ، چانديءَ جي ڪار، سنگ جهنم، فوٽن يا تصويرن ۽ صفائيءَ جي ڪم ايندڙ ڪيميائي مادو.

silver paper (سلور پيپر) n silver foil; tinfoil; fine white tissue paper. چاندي پتو يا پنو، ورق، اڇي پني، اڇو سنهو لشو پنو.

silver pheasant (سلور فيزنٽ) n a white-tailed Chinese pheasant, introduced to Europe also. مرغ زرين، چيني جهنگلي ڪڪڙ، سرخاب ڪڪڙ.

silver plate (سلور پليٽ) n utensils, esp tableware, made of silver; electroplate. چانديءَ جا ٿانو، چانديڪاري، چاندي چاڙهڻ.

silver-point (سلور پوائنٽ) n the process or product of drawing with a silver-tipped pencil. چانديءَ جي ڪوري واريءَ پينسل سان مصوري ڪرڻ.

silver salmon (سلور سامن) n the cohoe. سامن مڇي.

silver screen (سلوراسڪرين) n the cinema screen. سئنيما جو اڇو پردو.

silver service (سلور سروس) n a method of serving food in restaurants, in which the waiter or waitress uses a spoon and fork held in one hand to transfer food from the serving dish to the diners' plates. هوٽل ۾ کاڌي ورهائڻ جو طريقو، چمچي ڪانٽي سان ماني کائڻ جوطريقو.

silverside (سلور سائيڊ) n a cut of beef taken from the underside of a rump, below the aitchbone. ران جي گوشت جو ٽڪر.

silversides (سلور سائيڊس) n pl. any small fish of the family Atherinidae, the sand smelt. اڇي يا چانديءَ جي رنگ واري مڇي.

silverskin (سلور اسڪن) n the fine skin of a coffee bean. اڇي کل، تهه، ڪافيءَ جي داڻي جي اڇي کل، چانديءَ جهڙي کل، روپي کل، چمڪندڙ کل پردو، روپو ڪويو.

silversmith (سلورسمٿ) n. one whose occupation is to work in silver. چانديءَ جو ڪم ڪندڙ، چانديءَ جا ٿانوَ، زيور وغيرهہ ٺاهيندڙ ٺاٺارو يا سونارو.

silver steel (سلور اسٽيل) n a type of carbon steel containing silicon, manganese and chromium, and low in phosphorus and sulphur. جست مليل فولاد، اڇو فولاد.

silver-tongued (سلور ٽنگڊ) adj. having a smooth tongue or speech; plausible, eloquent. مٺڙي زبان وارو، خوشگفتار، مٺوآواز.

silver tree (سلورٽري) n a silvery-leaved S African proteaceous tree. چانديءَ جي رنگ وارن پن وارو ڏکڻ آفريڪا جو هڪ وڻ.

silver wedding (سلور ويڊنگ) n the twenty-fifth wedding anniversary. شاديءَ جي پنجويهين سالگرهہ.

silver weed (سلور ويڊ) n a creeping plant with silvery leaves and yellow flowers whose starchy roots were used as food from prehistoric times. چانديءَ رنگ پن واري ول، چانديءَ رنگ ڪاچرو ول.

silver white (سلور وائيٽ) adj. of a lustrous greyish white colour. ڀورو رنگ، چمڪندڙ اڇو رنگ.

silvery (سلوري) adj. like silver; covered with silver; silver-coloured; light in tone; having a clear ringing sound. اڇو، چانديءَ جهڙو، چمڪندڙ، چٽو مڌر آواز، روپي، روپو، چمڪيلو، چانديءَ جو.

silviculture (سلور ڪلچر) n the growing and tending of trees as a branch of forestry. علم افزائش جهنگلات، ٻيلو هڻ، وڻ پوکڻ، شجر پروري، ٻيلا رکڻ، جهنگل لڳائڻ، ٻيلا وڌائڻ.

sima (سائما) n the part of the earth's crust underlying the sial. قدرتي سخت پاڳو، ڌرتيءَ جو سخت تهہ.

simaruba or simarouba (سماروبا) n any tropical American tree of the genus of Brazil, Guyana; the bark of Simaruba amara that contains quassine

and is used medicinally آمريڪا جي گرم علائقي، برازيل ۾ گيانا جو هڪ وڻ جنهن جو ڇوڏو دوائن ۾ ڪتب ايندو آهي، طبي ٻوٽو.

simazine (سما زين) n an organic herbicide used as a general weedkiller. نامياتي دوا جيڪا نقصانڪار ٻوٽن کي ناس ڪرڻ جي ڪم ايندي آهي.

simi (سمي) n (in East Africa) a short two-edged sword or large knife (Swahili). خنجر، ڪٽاري، وڏو چاقو. ٻٽي ڌر وارو آفريڪي چاقو.

simian (سمئن) adj. pertaining to the apes or monkeys; ape-like. باندر جهڙو، ٻولڙو، ٻولڙي جهڙو، بن مانس نما. باندر نما، چين جو ننڍي ڳچ وارو ٻولڙو

similar (سميلر) adj. like; resembling; exactly corresponding in shape, without regard to size.; having like parts. وانگر، جهڙو، هڪ ئي نموني جو، لڳندڙ، هڪ شڪل، هڪ جهڙو، مشابهه، موافق، مثل، ساڳيو، سرکو، ساڳئي قسم جو، سَرُ، هم شڪل، مطابق، مثل.

simile (سملي) n. a figure of speech in which a person or thing is described by being explicitly likened to another, usu prceded by as or like; the use of such figures of speech. تشبيهه، تمثيل، اوکاڻ، بيانو، ايمان. درشتانت، مشابهت.

similitude (سملي ٽيوڊ) n likeness; resemblance; semblance; comparison; comparable. هڪجهڙائي، تمثيل، مشابهت، ساڳيائي، لاڳاپو، تشبيهه، مطابقت، روپ، بانو، ويس، نظير، نقل، چوٽي، ڀهاڪو.

simillimum (سمليمم) n (in homoeopathy) a remedy chosen because it would produce in a healthy person the same symptoms as those exhibited by the patient. (هو ميو پيٿي ۾) هڪ اهڙي دوا جيڪا ڪنهن صحت مند ماڻهوءَ ۾ بيمار ماڻهوءَ جهڙا اهڃاڻ پيدا ڪري.

similor (سميلر) n a yellow alloy used for cheap jewellery (Fr). ڦڪو ڌاتو، مَٺَ، رولڊ گولڊ مادو.

Simmental (سمينٽل) n a breed of cattle, orig native to Switzerland, used in many parts of Europe for meat and milk. چوپايو نسل، ٻن مقصدن وارو بدن ۾ پريل ڳانو نسل جيڪو اصل ۾ سوئٽزرلئنڊ جي ساڳئي واديءَ جو آهي.

simmer (سمر) vt, vi & n. to boil gently; to be close to an outburst of emotion, esp anger; a simmering state. آهستي اٻارڻ، ٽهڪائڻ، هلڪو ٽهڪو، ڪاوڙ ۾ وٽ ڪائڻ. جوش کائڻ، ٽهڪڻ، هري هري ٽهڪڻ، آهستي آهستي ڪاڙهڻ، هلڪي تَوَ تي گرم ڪرڻ.

simoniac (سمونئيڪ) n. one guilty of simony. مذهبي يا عبادت واري جاءِ وڪڻندڙ، ديول، گرجا يا مسجد سان لاڳاپيل شين جي وڪري ۽ خريداريءَ جو ڏوهاري.

simony (سموني) n. the crime of buying or selling ecclesiastical preferment. مذهبي جاين يا انهن سان لاڳو ملڪيتن جي خريد فروخت جو ڏوهه يا گناهه.

simoom or **simoon** (سموم يا سمون) a hot suffocating desert wind in Arabia and N Africa (Ar). گرم گهٽيندڙ هوا، رڻ پٽ جو جهولو، (عربستان ۽ آفريڪا جي) بيابان جو جهولو، باد سموم يا شموم.

simpai (سمپائي) n the black-crested langur of Sumatra (Malay). ملايا جو ڪاري چٽ وارو لنگور.

simpatico (سمپيٽيڪو) adj. sympathetic in the sense of congenial (Ital and Sp). غم خوار، هم درد، درد ولد.

simper (سمپر) vi & n. to smile in a silly, weak or affected manner; a silly or affected smile, or one displaying or suggestive of weakness. بيهودو مشڪڻ، چين ۾ مرڪڻ، ڏند ڪڍڻ، لوڪاٽو کلڻ، بناوٽ سان مشڪڻ.

simple (سمپل) adj, n & vi. not complex; single; clear; artless; plain; consisting of one thing or element; not complex or compound; not divided into leaflets; easy; unornate; unpretentious; mean, sorry; mere, sheer; ordinary; unlearned or unskilled; of humble rank or origin; unaffected; guileless; unsuspecting; credulous; weak in intellect; sincere; mere; silly; a simple or humble person or thing; a simpleton; an irreducible component of a compound; a medicine having only one constituent. نرو، مفرد، ڇڙهو، غير مرڪب، آسان، سولو، سادو، عام، خالص، صاف، سهنجو، اصل، پورڙو، چٽ، الڙ، اناڙي، موورک، بنا پور هٿي ليپ، وسوڙل، سچو، سليس، سرل، سادهه دل، نرڄل، ڀالو ڀولو، رڪاڪي، ساماڻيه، هم جنس، مفرد جڙي ٻوٽي، بي وقوف، ڪم عقل موڳو، چسو، دوا جنهن ۾ صرف هڪ جُز هجي.

simple eye (سمپل آءِ) n an eye of an insect, having only one lens. جيت جي هڪ ماڻڪيءَ واري اک، سادي اک، ننڍي اک.

simple fraction (سمپل فرئڪشن) n a fraction that has whole numbers as numerator and denominator. الپسور، اهڙو انگ جنهن ۾ رقم ۽ ولدليءَ ۾ ڪو به ڏهائي جز يا انگ نه هجي.

simple fracture (سمپل فريڪچر) n a fracture of the bone only, without a skin wound. هڏيءَ جو هڪ منڊان ڀڄڻ، هلڪو چير، ڦوٽ، سادي ڦوٽ، سادو ڀڳ.

simple hearted (سمپل هرٽيڊ) adj. guileless; frank, sincere. پر خلوص، سادو سودو، سڌو، سچو، ڀالو ڀولو، همدرد.

simple interest (سمپل انٽريسٽ) n interest calculated on the principal only. نرو وياج، سادو وياج، عام وياج.

simple machine (سمپل مشين) n any of the basic me-

chanical devices for applying a force.سادي (قوت مهيا ڪندڙ) مشين.

simple-minded (سمپل مائينڊيڊ) **adj.** lacking intelligence; foolish; unsophisticated; ingenuous.وسوڙل. مورک، ڀالو ڀولو، ڀورڙو.

simple sentence (سمپل سينٽينس) **n** a sentence with one predicate and subject. سادو جملو، مفرد جملو.

simpleton (سمپلٽن) **n** a simple or silly person; a weak or foolish person, one easily imposed on.اناڙي، چٽ، سادو سودو، چريو، ڀورڙو، چسو، ٻوڳهو، ساده لوح، احمق، آجاڻ، انجاڻ.

simplex (سمپليڪس) **n** a figure with the minimum number of vertices for space of a particular number of dimensions; a simple word, as opposed to a compound word. سادو انگ، مفرد انگ، سادو لفظ، مفرد لفظ.

simpliciter (سمپل سيٽر) **adv.** simply, not relatively; naturally, unconditionally.سادگيءَ سان، قدرتي طور، عام طور، بنا ڪنهن شرط شروط جي.

simplicity (سمپلي سٽي) **n** the fact, state, quality or condition of being simple; be extremely easy. ٻودلائي، سادگي، ڀورڙائي، شدتا، سرلائي، سؤڪائي، ساده لوحي.

simplification (سمپلي فڪيشڪن) **n** the process, or an instance, of making simple or simpler..سولائي، سنهنجائي، سولو ڪرڻ، آسان ڪرڻ جو عمل، اختصار، اختصاري، سادائي، سادگي.

simplify (سمپلي فاءِ) **vt.** to make simple, plain, easy or less difficult. سوکوڪرڻ، سادو ڪرڻ، سولو ڏگ ڏسڻ، سنهنجوڪرڻ، سولو رستو بڌائڻ، آسان ڪرڻ، سادي صورت ۾ آڻڻ.

simpling (سمپلنگ) **n** the act or process of gathering medicinal herbs. جڙي ٻوٽيون ميڙڻ جو ڪم ۽ عمل.

simplism (سمپلزم) **n** affected simplicity; oversimplification of a problem or situation..هٿرادو سادگي، بناوٽي، نقلي، معصوميت، ڪنهن معاملي يا مسئلي کي تمام آسان ڪري سمجهڻ.

simplist (سمپلسٽ) **n** a person having an expert knowledge of simples or medicinal herbs.سادو ڪندڙ، جڙي ٻوٽين جي ڄاڻ رکندڙ، حڪيم.

simplistic (سمپلسٽڪ) **adj.** tending to oversimplify, making no allowances for the problems and complexities that exist or inevitably arise; naïve.تمام سولو ڪري ٻڌائيندڙ، ڏکين ۽ مشڪل شين کي تمام آسان صورت ۾ پيش ڪندڙ، ڀالو ڀولو، سرل، چٽ، آڏنگو، ڪڏنگو ،صاف دل.

simply (سمپلي) **adv.** in a simple manner; artlessly; plainly; foolishly; considered by itself; alone; merely; without qualification; veritably; absolutely; really..سادگيءَ سان، فقط، رڳو، صرف، محض، صاف صاف، چٽو، حقيقي، واقعي، ظاهر ظهور آساني‌ءَ سان، بنا ڪنهن روڪ يا رنڊڪ جي.

simulacrum (سميو ليڪرم) **n** an image or likeness; a phantom; semblance, superficial likeness. هڪ جهڙائي، پاڇو، غير قدرتي هڪجهڙائي، تقريباً هڪجهڙو، ملندڙ جلندڙ، ٻيو روپ، شر، ڀوت، خيالي صورت، خيال، ڦرلو، روح، ديو.

simulant (سميولنٽ) **adj.** simulating; mimicking; a simulatorهڪجهڙو، هر شڪل، ساڳي صورت ڏاهيندڙ، مشابهت ڏيکاريندڙ.

simular (سميولر) **adj.** counterfeit; feigned; a person or thing that simulates.هٿراڌو، ڍونگي، مڪريل، نقلي، نڳيءَ جو، نڳي ڪندڙ، نقلي شيون ڏاهيندڙ.

simulate (سميوليٽ) **vt & adj.** to feign; to counterfeit; to have or assume a false appearance of; to mimic; to re-create the conditions of, for the purposes of training or experimentation; feigned.مکر ڪرڻ، ڍونگ ڪرڻ، ٻئي جو ويس ڪرڻ، نقل ڪرڻ، (جو) بهانو ڪرڻ، تقليد ڪرڻ، ويس بدلائڻ، آتارڻ، نقل ڪاري.

simulated (سميوليٽيڊ) **adj.** (of a material, eg fur, leather, wood) not of such a material but made (usu in an inferior material) to look like it; not genuine, feigned.هڪ جهڙو، هوبهو، نقلي، هٿ رادو، هٿرادو ڪاٺ، چمڙو. يا ڪل جيڪا حقيقي طور صفا سادي ۽ بيڪار هجي.

simulation (سميو ليشن) **n** act of feigning; pretence, mimicry; the making of working replicas or representations of machines or the re-creation of a situation, environment, for demonstration or for analysis of problems..نقل، ڍونگ، مڪر، تيتال، ترڪتال، بناوت، ظاهر داري، آتاريل، جڙتو، ڪنهن خاص مقصد هيٺ ناهيل شيون جن رستي قدرتي حالتون پيدا ڪري انهن بابت سمجهائي سگهجي.

simulator (سميو ليٽر) **n** one who or something that feigns; a device used for simulating required conditions, for training purposes..ڍونگي، اهل ڪندڙ، تيتالي، ترڪتالي، نقل نويس، مشين جنهن رستي گهربل حالتون بيهاري سگهجن.

simulcast (سمل ڪاسٽ) **n** a programme broadcast simultaneously on radio and television or, on two or more radio wavebands or television channels; the transmission of such a programme.هڪ ئي وقت نشر ٿيندڙ، ساڳي ئي وقت ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان نشر ٿيندڙ پروگرام.

Simuliidae (سميولائڊي) **n pl.** the family of flies of which the Simulium is the type-genus, some species of which are the carriers of diseases such as onchocerciasis.مکين جو خاندان جيڪي بيمارين کي هڪ هنڌ

ڪان پڻي هنڌ پهچائين ٿيون.

simulium (سميوليم) n a small black blood-sucking fly of the genus, of tropical regions, that breeds in fast flowing streams گرم رت پيئندڙ ننڍي مک جو قسم. علائقن جي رت پياڪ مک جيت.

simultaneity (سائمل ٽينٽي) n the quality of being simultaneous, coincidence; a basic consequence of relativity, that two events that are simultaneous for one observer may occur at different times for another observer in another reference frame moving relative to the first. هر وقتي، هر عنصري، هر عهدي، ساڳي وقت ۾ موجودگي، ساڳي وقت ۾ ظهور پذير ٿيندڙ واقعا. هڪ اهڙو واقعو جو هڪ هنڌ هڪ وقت ۾ پڻي هنڌ پڻي وقت ٿئي.

simultaneous (سائمل ٽينئس) **adj & n.** taking place or done at the same time; being or happening at the same time; (of equations) satisfied by the same roots; an exhibition in which one player plays several opponents at once. هڪ ئي وقت، بيڪ وقت گڏ ٿيندڙ، گڏ، ساڳي وقت جو، پيڙو، سمڪالڪ، هر عهد، هر عصر، گڏو گڏ، هڪ ئي وقت (گڏ هئندڙ).

simultaneous translation (سائمل ٽينئس ٽرانس ليشن) n a simultaneously running translation of a speaker's or actor's words into the language, or respective languages, of audience members, esp relayed through hand-held earphones. ساڳئي وقت ترجمو، هڪ جهڙو ترجمو، (مشين وسيلي) گڏو گڏ ترجمو پڌائڻ جو طريقو.

simurg or **simurgh** or **simorg** (سمرگ) n a monstrous bird of Persian fable (Pers). ايراني يا فارسي ادب ۾ هڪ خيالي پکي، سيمرغ پکي، وڏو اجگر پکي، مرغ سيمين.

sin[1] (سن) **n, vi & vt.** moral depravity, offence or shortcoming, esp from the point of view of religion; the condition of offending in this way; an offence generally; a shame or pity; to commit sin; to commit; to burden with sin; to bring, drive, or render by sin. ڏوهه، خطا، گناهه، اپراڌ، دوش، ڪڪرم، پاپ، ڏوهه ڪرڻ، خطا ڪرڻ، پاپ وجهڻ، ڏوهن سان پرڻ يا ستڻ، ڏوهه وجهڻ.

sin[2] (سن) **prep, conj and adv.** since; الوقت کان، تڏهن کان.

sin (سن) n the 21st letter of the Hebrew alphabet. عبراني ٻوليءَ جو ٢١ هون اکر.

Sinaean (سين) **adj.** Chinese. چيني (قوم).

Sinaitic (سنيتڪ) **adj.** of Mount Sinai. سينائي جبل جو.

Sinanthropus (سينٿراپس) n Peking (fossil) man (Gr). پٿر پهڻ ٿيل انساني پڃرو، چين جي پيڪنگ واري علائقي جو اڳوڻي وقتن جو انساني پنڊ پاهڻ ٿيل جسم.

sinapism (سناپزم) n a mustard plaster or poultice (Gr). اهر جي ليري، ليپ، رائيءَ جو ليپ، سرنهن جو پلستر.

sin bin (سن بن) n (in ice hockey) an enclosure to which a player is sent for a statutory length of time when suspended from a game for unruly behaviour; a room or other place to which disruptive school pupils are sent. برف تي کيڏڻ واري هاڪي راند جي رانديگر کي سزا ڏئي بند ڪرڻ واري ڪوٺي، اسڪولي ٻارن کي سزا ڏئي پورڻ واروڪمرو.

since (سنس) **adv, prep & conj.** from that time on; after that time; from then till now; past; ago; after; from the time of; from the time that; seeing that; because. کان وٺي، لاڪر، جڏهاڪر، ان کان اڳي، تڏهونکو، تنهن کانپوء، تڏهانکو، اڳي، جڏهانکو، چو، چاڪاڻ ته.

sincere (سنسيئر) **adj.** pure, unmixed; real; genuine; unadulterated; unfeigned; guileless; frank; free from pretence; the same in reality as in appearance. اصل، خالص، سچو پچو، کرو، صاف دل، صادق، سچار، سچو، سرلو، نسڪپٽ، راسچ، بي ريا، ايمان وارو، اندر ٻاهر هڪ جهڙو.

sincerely (سنسيئرلي) **adv.** in a sincere manner; unfeignedly; genuinely; really. سچائيءَ سان، سچائتو، اخلاصاً، خلوص سان، راست بازيءَ سان، حقيقت ۾ يا حقيقت مطابق، کرائيءَ سان.

sincerity (سنسيئرٽي) **n.** honesty of mind or intention; freedom from hypocrisy. سچائي، اخلاص، صداقت، راستي، سچي نيت، صدق دلي، بي ريائي، بنا بيائيءَ جي.

sinciput (سنسي پٽ) **n.** the forepart of the head or skull. مٿي جو اڳيون پاسو، لرڙ، تراڙ، پيشاني.

Sindhi or **Sindi** (سنڌي) **n.** a native or inhabitant of Sindh, in SE Pakistan; the prehistoric indigenous language still spoken in Sindh; the Indic language spoken mainly in Sindh. سنڌي ماڻهو، سنڌ جو رهاڪو ۽ سنڌي ٻولي.

Sindhology (سنڌالاجي) **n.** study of Sindh, its history, culture, civilization, language and its various aspects, including philology, script, literature. سنڌ سنڌي تهذيب، ثقافت ۽ ٻوليءَ يا زبان بابت علم، سنڌي ٻوليءَ، ادب ۽ صورتختيءَ جي اڀياس جوعلم.

sindon (سنڊن) **n.** fine (esp linen) cloth or a garment, made from it; a shroud, esp that preserved as Jesus's at Turin, Italy, orig. derived from Sindh. ان جو سنو ڪپڙو، لنن جو ڪپڙو يا پوشاڪ، لين جي ڪپڙي جي وڏي چادر (جيڪا حضرت عيسيٰ عليه السلام کي پهريل هئي)، اصل سنڌ جو ڪپڙو.

sindonology (سنڊونولاجي) n the study of this shroud and its history.حضرت عيسيٰ عليه السلام جي وڏي لين واري چادر جو اڀياس ۽ انجي تاريخ جو علم.

sine[1] (سائن) n. (as a function of an angle) the ratio of the side opposite it (or its supplement) in a right-angled triangle to the hypotenuse; the perpendicular from one end of an arc to the diameter through the other.ٽڪنڊي جي هڪ ڪنڊ جو هڪ ڪارج جنهن رستي مخالف طرف جي ماپ لهي سگهجي.

sine[2] (سائن) prep. without. بنا، ڪانسواءِ.

sin-eater (سن ايٽر) n a person who by eating bread and salt at a funeral was supposed to take upon himself the sins of the dead person, so that the soul might be delivered from purgatory.ڪاڻيءَ جي ماني ڪائڻ وارو ماڻهو(جنهن لاءِ چيو ويندو هو ته هو مئل ماڻهوءَ جا گناه پاڻ تي کڻي رهيوآهي).

sinecure (سائنڪيوئر) n a benefice without cure of souls; an office without work, a cushy job.عيسائي عبادت گاهه جتي گناه جي قبوليت ۽ معافيءَ جو بندو بست نه هجي. بنا ڪم جي نوڪري، آسودي نوڪري، سنهنجي نوڪري.

sine curve (سائن ڪرو) n a curve showing the relationship between the size of an angle and its sine, a sinusoid.ليڪ جيڪا ڪنڊ ۽ ان جي مخالف ٻيهڪ جي وچ ۾ تعلق ۽ مفاصلو ظاهر ڪري.

sine die (سائن ڊاءِ) without a day (appointed); of a meeting or other business, indefinitely adjourned (L).بنا مقرر ڏينهن جي اڻ ڄاڻايل مدي تائين. بنا ڪنهن ٻي تاريخ ڏيڻ جي (محمل ڪرڻ).

sine dubio (سائن ڊوبيو) without doubt (L).بنا شڪ. بنا شبهي.

sine prole (سائن پرول) without issue, without children. بنا ٻارن جي، بي اولاد.

sine qua non (سائن ڪنان) an indispensable condition (L). ضروري شرط شروط، اوشيڪتا.

sine wave (سائن ويو) n any oscillation whose graphical representation is a sine curve.لهر جنهن کي نقشن کي ليڪ رستي ڏيکاري سگهجي.

sinew (سنيو) n & vt. a piece of strong fibrous tissue cord that joins a muscle to a bone, a tendon; physical strength, muscle; strength or power of any kind; to bind as if by sinews; to strengthen..نسون. پٺا، پشتي، ٿلهي رڳ، زور، طاقت، وسيلا، ٻل بندي، نس، رڳ، ٻل، ولر، ٻلو مشڪ، وسيمت، گد، طاقتور بنائڻ، وڌيڪ مضبوط ڪرڻ.

senewy (سنيوي) **adj.** consisting of or resembling a sinew or sinews; well bracad with sinews, strong, having prominent sinews, vigorous or firm as language..زور وارو، رڳن وارو، گد وارو، طاقت ور، مضبوط، قوي، جاندار.

sinfonia (سن فونيا) n a symphony; a symphony orchestra (Ital).هر آهنگي، ميل، موسيقارن جو ٽولو جيڪو گڏجي سازوڄائي.

sinful (سنفل) **adj.** full of sin; wicked; iniquitous; wrong. گناهگار، پاپي، پاپشتو، گناهي، پراڇتي، هچارو، گناهتو، پاپ جو، پاپ جهڙو، گناهن سان ڀريل.

sing (سنگ) **vi & vt.** to utter melodious sounds in musical succession in articulating words; to perform songs; to emit more or less songlike sounds; to give a cantabile or lyrical effect; (of the ears) to ring; to be capable of being sung; to write poetry; to confess, to turn informer, to squeal; to utter or perform by voice, musically; to chant; to celebrate; to proclaim, relate, in song or verse or in comparable manner; to bring, driver, render, tell or pass by singing.ڳائڻ، جهونگارڻ، آلاپڻ، ٻولي ڪرڻ، لات، لنوڻ، ڀون ڀون ڪرڻ، ڳڻ ڳائڻ، نيڪي ڪرڻ، سون سون ڪرڻ، ٻولڻ، لنوڻ، بيت ۾ ٻڌائڻ، ڳائي ٻڌائڻ، سر ۾ چوڻ، ڳائيندو وڃڻ، ڳائي ٻڌائڻ، راڳ رستي بيان ڪرڻ.

sing along (سنگ الانگ) n a tune to which one can sing in accompaniment; an occasion of community singing.گڏ ڳائڻ، ٻين سان گڏجي ڳائڻ وارو موقعو، گڏجي لوڪ گيت ڳائڻ.

singe (سنج) **vt, vi. n.** to burn slightly on the surface; to scorch; to remove by scorching; to become, scorched; a burning on the surface; a slight burning of the surface. لوسائڻ، لهسڻ، چرائڻ، ساڙڻ، جلائڻ، ڪل ساڙڻ، هلڪو سڙڻ جو زخم، متاڇرو سڙيل.

singer (سنگر) n a person, bird, that sings; one who sings as a profession; an informer; a poet. ڳائڻو، ڳائيندڙ، راڳي، ڳويو، قوال، ڪلونت، شاعر، قوي، ٻوليندڙ يا ڳائيندڙ پکي.

singer-songwriter (سنگر سانگ رائٽر) n a person who performs songs that he or she has also written. پنهنجا لکيل راڳ ڳائي ٻڌائيندڙ راڳي، ڳائڻو، شاعر.

Singh (سنگهه) n a title adopted by the warrior castes of northern India; a surname adopted by male Sikhs (Punjabi – lion).(ذات) سنگهه، سکن ۾ نالي جي اضافت يا ذات طور سنگهه (معنيٰ شينهن) جو اضافو.

singing (سنگنگ) n to sing a song; of birds to sing or chirp, singer or poet who sings..لات، راڳ، ڳانو، ڳائڻ، لهسڻ، لوهڻ، ڳائيندڙ.

singing flame (سنگنگ فليم) n a flame that gives a musical note in a tube.(شعلو جنهن مان (لڙي يا نلي رستي) موسيقيءَ جو آواز ڪڍي سگهجي.

singing-gallery (سنگنگ گيلري) n a gallery occupied by singers. ڳائڻ جو ٿلهو يا دڪي، ڳائڻ لاءِ ناهيل مٿاهين جاءِ.

singing-hinny (سنگنگ هني) n a currant cake that hisses on the girdle.تازو ڪيڪ، ڊاک وجهي تيار ڪيل گرم ڪيڪ.

singing master (سنگنگ ماسٽر) n a teacher of singing. راڳ جو ماهر، راڳ سيکاريندڙ.

single (سنگل) **adj, adv, n & vt.** being one or a unit; consisting of one only or one part; unique, individual; one-fold; uncombined; individual; unmarried; for the use of or sufficient for one; (of combat) man-to-man; slight, poor; (of ale) weak small; undivided; unbroken; determined; (of a flower) without development of stamens into petals, or having ligulate instead of tubular florets; sincere, honest; (of a travel ticket) valid for the outward journey only, not return; singly; anything single; an unmarried, unattached person; a game played by one against one; a hit for one run; a talon of a hawk; a gramophone record with only one tune, or other short recording, on each side; a one-pound or one-dollar note; to separate; to pick out; to take aside; to thin; to come forth alone..هڪ، هڪڙو، اڪيلو، يڪو، ڪنوارو، چڙو، هڪڙو، منفرد، نج، يگانو، واحد، يڪي سر، هيڪولو، هيڪوڙو، چڙو چانڊ، سچو، الڳ، ڪرو، هيڪڙو، هيڪو، مجرد، وانڍو، هيڪولو هيڪڙ (نار)، هيڪڙائپ (ڊگهو)، صاف دل، هڪ دل، هڪ ڊوڙ (ڪرڪيٽ راند جي)، غير واسطيدار، هڪ سر پر (رڪارڊ)، هر طرف، هڪ پائونڊ يا هڪ ڊالر جو نوٽ، هڪ طرفي سفر جي ٽڪيٽ، هڪ طرفو پاڙو، ڌار ڪرڻ، چونڊي ڪڍڻ، پاسي ڪرڻ، جدا ڪرڻ، اڪيلي سر اچڻ، سنهو ڪرڻ.

single-acting (سنگل ايڪٽنگ) **adj.** (of a reciprocating engine) acting effectively in one direction only.هڪ طرفي اداڪاري، هڪ عملي انجڻ، هڪ طرف مڪمل قوت مهيا ڪندڙ انجڻ.

single-action (سنگل ايڪشن) **adj.** (of a firearm) having a hammer which requires to be cocked manually before firing.(هٿيار) جنهن پر هڪ دفعو فائر ڪرڻ کانپوءِ وري گهوڙو چاڙهڻو پوي، هڪ فائر واري بندوق يا رائيفل.

single-breasted (سنگل بريسٽڊ) **adj.** with one thickness over the breast and one row of buttons.ننڍيءَ چاتيءَ وارو ڪوٽ، هڪ طرفي ٻه ڪناريءَ وارن بٽڻن وارو ڪوٽ.

single-chamber (سنگل چيمبر) **adj.** having one legislative house. هڪ ايواني، هڪ ايوان، هڪ ايواني پارليامان.

single cream (سنگل ڪريم) n cream with a low fat-content that will not thicken when beaten.هلڪي سٿڀ واري ڪريم، گهٽ سٿڀ واري ڪريم.

single-cross (سنگل ڪراس) n a first-generation hybrid of two inbred lines. هڪڙو لڳ، هڪ ميلاپ، پهريون ڳانڍاپو.

single-decker (سنگل ڊيڪر) n a vessel or vehicle, esp a bus, with only one deck.هڪ طبقي واري گاڏي يا بحري جهاز.

single-entry (سنگل انٽري) n a system of book-keeping in which each entry appears only once on one side or other of an account.اڪائونٽ جوطريقو يا حسابي داخلا جو رجسٽر جنهن ۾ صرف هڪ طرفي داخلا رکي وڃي.

single-eyed (سنگل آئيڊ) **adj.** one-eyed; devoted, unselfish. هڪ اک وارو، ڪاڻو.

single-foot (سنگل فٽ) n a brisk walking pace with each foot striking the ground separately, a rack or amble.اهڙي قسم جي ڊوڙ يا تکڙو پنڌ جنهن ۾ هڪ وقت ۾ هڪ قدم زمين تي ۽ ٻيو هوا ۾ هجي.

single-hearted (سنگل هرٽيڊ) **adj.** sincere; without duplicity; dedicated, devoted in one's attention.يڪي دل، سچو همدرد، هڏ ڏوکي، ڌيان ڏيندڙ،ٻيائيءَ جي.

single-minded (سنگل مائينڊيڊ) **adj.** ingenuous; bent upon one sole purpose. کرو، سچار، سڌو.

single parent (سنگل پيرينٽ) n a mother or father bringing up children alone.هڪ وارث، هڪ مائٽ (وارو اولاد).

single-phase (سنگل فيز) **adj.** (of an alternating electric current) requiring one outward and one return conductor for transmission.هڪ فيز، هڪ حيثيتي، هڪ مرحلو.

single-seater (سنگل سيٽر) n a car, aeroplane, fitted with one seat only. (ڪار يا جهاز) هڪ سيٽ وارو.

single-sex (سنگل سيڪس) **adj.** (of schools) for pupils,members of one sex only. هڪ جنس وارن لاءِ اسڪول.

single-soled (سنگل سولڊ) **adj.** having one thickness of sole. هڪ تهو، هڪ تهو ترو.

singlestick (سنگل اسٽڪ) n a fighting stick for one hand; a fight or game with singlesticks.هڪ هٿ ۾ جهلڻ واري لٺ، هڪ هٿي يا مٺي وارو لڪڻ، هڪ لٺ يا چڙيءَ سان کيڏڻ واري راند.

singlet (سنگلٽ) **n** a thing that is single; an undershirt or sleeveless vest; a state in which there are no unpaired electrons. اڪيلڙو، اڪي، اڪيلو. صــــدري، واسڪوٽي، گنجي، هڪ برقي رابطو.

single tax (سنگل ٽيڪس) **n** a tax on ground-rent or land-values to supersede all other taxes. منفرد محصول، خاص ڍل، واحد ڍل يا محصول، پون ۾ پاڙو.

single-wicket (سنگل وڪيٽ) cricket with one wicket, and with one batsman at a time. هڪ وڪيٽ، هڪ رانديگر جو هڪ وقت ۾ راند ڪرڻ.

singly (سِنگلي) **adv.** one by one; alone; by oneself. هڪڙوئي، اڪيلي سر، هڪڙو، ڇڙو، يڪي سر، فرداً، اڪيلو، هڪڙو هڪڙو ئي.

sing-song (سنگ سانگ) **n** a ballad; jingly verse; up-and-down intonation; an informal gathering of friends at which there is singing; a meeting for community singing; of the nature of singsong; to sing, speak or utter, in a singsong way. راڳ وانگر پڙهڻ، هڪ لهجو، بي مزي راڳ، هڪڙوئي سر، هڪڙو سر، هڪ سرو راڳ.

singspiel (سنگسپيل) **n** a semi-dramatic representation in dialogue and song (Ger). هڪ ڊرامي صورت پيشڪش، جنهن برمڪالما ۽ راڳ ٻئي هجن.

singular (سنگيولر) **adj, adv** & **n.** single; unique; proper; private; denoting or referring to one; pre-eminent; pre-eminently good or efficacious; extraordinary; peculiar; strange; odd; singularly; an individual person or thing; the singular number or a word in the singular number. هڪڙو، هرهڪ، نرالو، عجب جهڙو، لاثاني، بي مثال، عجيب، لاجواب، اڪيلو، واحد، هڪ، تنها، غير رواجي، (عدد) واحد، ايڪ (وچن)، لهري، غير واجبي، اذيت.

singularism (سنگيولرزم) **n** a philosophy that recognizes one principle only, opposed to pluralism. فلسفو جيڪو ڪنهن هڪ اصول تي قائم هجي.

singularist (سنگيولرسٽ) **n** someone who affects singularity; an upholder of singularism. هڪ فلسفي جو پابند يا پوئلڳ.

singularity (سنگيولرٽي) **n** the fact or state of being singular; peculiarity; individuality; oddity; oneness; anything curious or remarkable; a point in space-time at which matter is compressed to an infinitely great density. هڪڙائي، عجب جهڙي خوبي يا خاصيت، هڪ ئي خوبي، نرالپڻ، هيڪائي، عجب جهڙي خاصيت، خوبي، خلائي وقت ۾ ڪنهن مادي کي زور رستي انتهائي گهٽي ڪشادگي ڏيڻ جو عمل.

singularize (-ise) (سگنيولرائيز) **vt.** distinguish, individualize; make singular; to signalize. الگ سڃاڻي ڪرڻ، جمع مان واحد ڪرڻ، منفرد ڪرڻ، ڪنهن مرڪب لفظ جومرڪب ڪندڙ حصوختم ڪرڻ.

singularity (سنگيولرٽي) **n.** peculiarity; eccentricity. هيڪائي، هڪڙائي، نرالپڻ، عجب جهڙي خاصيت يا ڳڻ، خوبي، خاصيت، نرالائي.

singularly (سنگيولرلي) **adv.** in a singular manner; peculiarly; strangely; singly; remarkably; oddly; pre-eminently. عجيب طرح، نرالي طرح ،نهايت خاص طرح،خصوصاً، خوب، نهايت.

singult (سنگلٽ) **n** a sob. سسڪي، سڏڪو، آهہ.

Sinhalese or Singhalese, Cingalese also Sinhala (سنهاليز) **adj.** & **n.** of the majority population of Sri Lanka; of or in their language, similar to Pali; a member of the Sinhalese people; their language. سنهالي قوم، سنهالي ٻولي، سري لنڪا جي مکيہ قوم۽ سندن ٻولي.

Sinic (سنڪ) **adj.** Chinese. چيني، (قوم يا باشندا).

Sinicism (سنسزم) **n** a Chinese custom, idiom. چيني رواج، ريتون، پهاڪو.

Sincize (-ise) (سنسائيز) **vt** & **vi.** to make or become Chinese or of Chinese character. چيني ڪرڻ يا ٿيڻ، چيني طريقا عمل ۾ آڻڻ.

sinister (سنسٽر) **adj.** suggestive of threatened evil, ominous; unlucky; malign; baneful underhand; evil, left or on the left side; on the left side from the point of view of the bearer of the shield, not the beholder, and similarly sometimes in description of an illustration; inauspicious; unlucky; misleading. ٻياڳو، بد سوڻو، بڇڙو، نحس، شرير، شرارتي، ٺڳ، بدنيت، خراب، ڪبو، کابو، ڏائو، دشنائيءَ جو، شيطاني، بدنيتيءَ جو، شودو، منحوس، نامبارڪ، دغاباز، بي ايمان، ڪهاتي، اشپ، بدسگن، دوکي وارو، گمراهہ ڪندڙ، ڀلائيندڙ، ولسائيندڙ.

sinisterity (سنسٽرٽي) **n** left-handedness; sinister quality. کاٻڙائي، بڇڙائي، بدنيتي، دغابازي.

sinistral (سنسٽرل) **adj.** turning or blonging to the left; left-handed; (of flatfish) lying left side up; (of a shell) coiled contrary to the normal way; a left-handed person. کاٻي پاسي ڦيرائڻ، کاٻڙ، کاٻي ويندڙ، (مڇي) کاٻي پاسي پيل، (خول) ابتي پاسي ٺهيل، کاٻي هٿ سان ڪم ڪندڙ.

sinistrodextral (سنسٽر ڊيڪسٽرل) **adj.** moving, going

or extending from left to right. کبي کان سڄي تي وڃڻ. چرڻ يا وڌڻ.

sinistrorse (سنسترارس) **adj.** directed to the left; (of a climbing plant) rising spirally and turning to the right, ie crossing an outside observer's field of view from right to left upwards. ول جيڪا گول ڦري پر ساڄي طرف کان (ڏسڻ واري جي ساڄي کان کابي طرف).

sinistrous (سنسترس) **adj.** inauspicious; sinister. نياڳو. نحس، نامبارڪ، بڇڙو، بدسوڻو، بدنيت، خراب، بدسڳن، گهاتي، شرارتي، شيطاني.

sink (سنڪ) **vi, vt & n.** to become submerged, wholly or partly; to subside; to fall slowly; to descend in a liquid; to go down passively; to pass to a lower level or state; to penetrate or be absorbed; to slope away, dip; to diminish; to collapse; to be withdrawn inwards; to cause or allow to sink; to cause the ball to run into the hole; to suppress; to degrade; to conceal; to appropriate surreptitiously; to excavate; to let in, insert; to abandon; to abolish; to merge; to pay a debt; to lose under the horizon; to invest; unprofitably or beyond easy recovery; to damn or ruin; to drink quickly; a kitchen or scullery trough or basin with a drain, for washing dishes; a receptacle or drain for filth or dirty water; a place where things are engulfed or where foul things gather; a cesspool; a depression in a surface; an area without surface drainage; a swallow-hole; a shaft; a natural or artificial means of absorbing or discharging heat, fluid. ڊرڪڻ، ڍلڪڻ، ڪپڻ، ڪپ ۾ ڪرڻ، چپي وڃڻ، گهٽجي وڃڻ، اکيون ڏرا ڏيڻ، اکهہ لهڻ، درياهہ لهڻ، ٻڏڻ، غرق ٿيڻ، ٻوڙڻ، ويهي وڃڻ (دل)، هيا هٿڻ، (دل ۾) ڄمي وڃڻ، چپي وڃڻ، جهپامڻ، گهٽجي وڃڻ، (ٻاهر) اُلهڻ، (درياهہ) لهڻ، غرق ڪرڻ (زمين) جو ويهي وڃڻ، (کوهہ) کوٽڻ، کٽڻ، ڪنڌ جهڪائڻ، لاڙڻ، ليٽ ڪرڻ، گهٽ ڪرڻ، قدر يا طاقت ۾ گهٽجڻ، لڪائڻ، بيمار ٿيڻ، سج اُلهڻ يا لهڻ، تباهہ ٿيڻ، ڍارو اڇلائڻ، ڪسي، موري، ڪونار، وڏو پالوڙو، کڏو، هودي، نالي، غار، چر، ڏر، هيٺاهين، زمين دوز رستي جو لنگهہ، سرنگهہ، ڏٻڻ واري زمين، گرمي کڻڻ يا ڪڍڻ جو هترادو طريقو، زمين مان پاڻي ڪڍڻ جو طريقو.

sinkage (سنڪيج) **n** the process of sinking; amount of sinking; a sunken area or depression; shrinkage. ٻڏڻ يا لهڻ جو عمل، گهٽ ٿيڻ جو عمل، گهٽ ٿيڻ جو انگ يا رقم، کڏائين يا هيٺائين زمين، سوس، گهٽتائي، ڪمي، ڪوتاهي.

sinker (سنڪر) **n** one who sinks; a weight for sinking anything, such as a fishing-line; a doughnut; a mistletoe root. ٻوڙيندڙ، ٻڏندڙ (ڪنڍيءَ ۾ شيهو وغيره)، منو، ڪاڏو، ٻوٽي جي ڪاڄرو پاڙ.

sinking (سنڪنگ) **adj.** causing to sink; depressing; set apart for the reduction of a debt. ٻوڙيندڙ، هيٺ يا اندر ڪندڙ، هيٺ ڪندڙ، ملول ڪندڙ، ضرر آور، هيٺائي آڻيندڙ، پاسي تي ڪري اڪيل رقم يا پاڇي ثمر جنهن جي وياج مان قرض ادا ڪري سگهجي.

sinking feeling (سنڪنگ فيلنگ) **n** a bodily sensation, esp in the abdomen, caused by hunger or apprehension. وسامڻ واري حالت، پيٽ اجهامڻ، بک ڪري هيٺائي يا ضعف، هانءُ ٻڏڻ، دل ويهڻ، وسامڻ، ڊپ سبب بي حالي.

sinking fund (سنڪنگ فنڊ) **n** a fund formed by setting aside income to accumulate at interest to pay off debt. قرض لاهڻ لاءِ فنڊ، يا رقم جنهن جي وياج مان (سرڪاري يا غير سرڪاري) قرض لهندو وڃي.

sink unit (سنڪ يونٽ) **n** a fitting consisting of a sink, draining-board, with cupboards, underneath. ٺانون ڌوئڻ يا هٿ منهن ڌوئڻ وارو ٺانءُ (جنهن هيٺان ڪٻٽ وغيره ٺهيل هجي).

sinless (سنليس) **adj.** free from sin; innocent. بي گناهہ، بي خطا، معصوم، پاڪ، پاپ رهت، نش ڪلنڪ، نش پاپ.

sinner (سنر) **n** one who sins, esp habitually; a transgressor; offender; criminal. پاپي، گنهگار، ڏوهي، بدڪار، عاصي، ڪڪرمي، عادي ڏوهاري.

sinnet (سنيٽ) **n** braided cordage in flat or round or square form, made from 3 to 9 cords. ڪپڙي جو قسم جنهن ۾ موتي يا مٿيا پوتل هجن.

Sinn Fein (سن فين) **n** a political movement and party in Ireland championing a republic, opposing partition and later campaigning for reunification. آئرلئنڊ جي هڪ سياسي تحريڪ يا پارٽي جيڪا اُن کي برطانيہ ۾ رهندي مڪمل با اختيار ملڪ بنائڻ چاهي ٿي.

Sinningia (سننجيا) **n** any Brazilian plant of the genus, popularly known as gloxinia and grown in greenhouses for its bell-shaped, velvety flowers. برازيل جو هڪ ٻوٽو جنهن ۾ مخملي گل ٿين ٿا ۽ گهرن اندر سولهن لاءِ رکيو ويندو آهي.

Sino- (سائنو) **Pfx** denoting Chinese. چيني، چين جو.

sino- (سنو يا سائنو) **Pfx** denoting sinus. نڪ جو سوراخ، شگاف، ڪُلا جو، خال، ڪاري، نالي، ناسور، ٿيلهي.

Sinologue (سائنو لاگ) **n** a student of the Chinese language, culture, history etc; a Sinologist. چيني ٻولي ڄاڻيندڙ يا ماهر، چيني رسمن رواجن جو ڄاڻو.

Sinology (سائنولاجي) **n** the study of Chinese language, culture etc. چيني ٻولي ۽ ثقافت جو علم.

Sinophil or **Sinophile** (ساڻنو فل) **n & adj.** (one who is) friendly to Chinese or attracted by Chinese culture. چيني ثقافت کان متاثر، چينين جو دوست.

sinopia (سنوپيا) **n** a reddish-brown pigment used for one of the preparatory drawings of a fresco, obtained from sinopite, an iron ore; a drawing so made. ڳاڙهي ناسي رنگ وارو مادو جيڪو مصوريءَ لاءِ تيار ڪيل بورڊ تي بنيادي مادي طور استعمال ٿيندو آهي. ان قسم جو مادو لڳل مصوري.

sinsemilla (سنسيميلا) **n** marijuana containing high levels of the narcotic tetrahydrocannabinol; the plant, a seedless female strain of Cannabis from which it is obtained. تمام گهڻي يا تيز نشي وارو چرس. هيروئن مادو. پست يا ڏوڏيءَ جو ٻوٽو. ڏوڏيءَ جو بنا ٻج وارو مادي ٻوٽو.

sinsyne (سن ساڻن) **adv.** since that time. انهيءَ وقت کان.

sinter (سنٽر) **n & vi.** a stony deposit from hot springs; to heat (a mixture of powdered metals) sometimes under pressure, to the melting-point of the metal in the mixture which has the lowest melting-point, the melted metal binding together the harder particles; to coalesce under heat without liquefaction. گرم چشمن جي لٽ. چشمي گرم ڌاتو لٽ. ڌاتن کي گرم ڪري ٿيٽ ملائڻ جو طريقو ۽ عمل. بنا ڳارڻ جي ڌاتن ۾ ٿيٽ ملائڻ.

sinuate or **sinuated** (ساڻينوئيٽ) **adj.** having a wavy edge or margin; winding; sinuous. لهردار. وَرَ وَرَ. اونڌل. لڪ وارو سوراخدار.

sinuous (ساڻينوئس) **adj.** wavy; bending in a supple manner. ور وڪڙ. ناگ ور وارو. لهردار. لهري.

sinus (ساڻنس) **n.** a curved opening; a bay; an air-filled cavity in the bones of the skull, connecting with the nose; a narrow cavity through which pus is discharged; a cavity; an indentation; a notch between two lobes in a leaf. خال. کڏ. چر. ناليءَ جهڙي. ڦرڙي.سوراخ. ورِ. مغز جي خال جو هوا ڀريل حصو. لڪ. لڪ جو پاسو. کهپ. پن جي ٻن حصن جي وچ جي وچ وارو کهپ.

sinusitis or **sinuitis** (ساڻنو ساڻس ساڻنائس) **n** inflammation of one of the air cavities or sinus in the skull communicating with the nose. لڪ عضوي سوڄ. لڪ پردي سوزش.

sinupallial or **sinupalliate** (ساڻنيو پيليل يا پيلئيٽ) **adj.** (of certain bivalve molluscs) having an indented pallial line for the retraction and expansion of the pallial siphons. ٻه تهي يا ڪوڏ واري مخلوق جو عضوا اندر ٻاهر ڪڍڻ جو عمل يا ٻيهڪ.

sinusoid (ساڻنو سوائڊ) **n** the curve of sines; a small blood vessel in certain organs, such as the liver, heart. لڪ سوراخ نما. لڪ خم نما. جسم جي اندروني عضون جون رڳون يا نسون.

Siouan (سوآن) **adj.** pertaining to the Sioux, or to a larger group to which the Sioux belong; pertaining to the languages of this group; the group of languages spoken by the Siouan peoples. (آمريڪا جي) سوان قومن جي باري ۾ يا انهن جي مختلف ڳالهائجندڙ زبانن جي باري ۾.

Sioux (سو) **n** an American Indian of a tribe now living in the Dakotas, Minnesota, and Montana; any of the group of languages spoken by the Siouan peoples آمريڪا جي هڪ اصلوڪي قوم ۽ انهن جي ٻولي. جيڪا ڊڪوٽا، مائينسوٽا ۽ مونٽان رياستن ۾ رهي ٿي.

sip (سپ) **vt & vi.** to drink in small quantities by action of the lips; the act of sipping; the quantity sipped at once. سرڪ ڀرڻ. ڍڪ ڀرڻ. ڍڪ ڍڪ ڪري پيئڻ. سرڪ. ڍڪ. سرڪي. چوسڻ. چهڻ. سرڪڻ. چسڪي.

sipe[1] (سائيپ) **vi.** to soak through; to seep or ooze. تر ڪرڻ. ٻوڙڻ. پري چڙڻ. پسائڻ. وهي هلڻ.

sipe[2] (سائيپ) **n** a tiny groove or silt in the thread of a tyre; aiding water dispersal and improving the tyre's grip. گاڏيءَ جي ربڙ واري تهه ۾ سنهو ياهلڪو خم يا خانچو (جيئن دڳ تي ۽ پاڻيءَ ۾ نه ترڪي). موٽر گاڏين جي ٽائرن جا ٻاهريان ڪڙ ۾ وارا حصا.

siphon or **syphon** (ساڻفن) **n & vt.** a bent tube or channel by which a liquid may be drawn off over a higher point to a lower level from a cask etc; a tubular organ for intake and output of water, as in lamellibranchs; an aerated-water bottle that discharges by a siphon; to convey, remove by means of a siphon; to diver funds, money etc. ڪرنفل. وراري نلي. گندي. مڙيل نڙو. خمدار نلي. پاڻي ڪشندڙ نلي. وريل نلي جيڪا هڪ برتن مان ٻئي برتن ۾ پاڻي ڪشي وڃي. نڙن رستي پاڻي پهچائڻ جو نظام. پيسا هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ڪسڪائي موڪلڻ. نلي مٿي ڪرڻ.

Siphonapetra (ساڻفوناپٽيرا) **n pl.** the flea order of insects. خم نليدار پرن وارن جيتن جو خاندان. ڪارڙي جيت پر.

siphonate (ساڻفونيٽ) **adj.** having a siphon. خم نليدار.

siphonet (ساڻفو نيٽ) **n** an aphid's honeydew tube. ماکي نلي.

siphonogam (ساڻفو نوگم) **n** a seed plant. تخم نلي تخم ٻوٽو. نلي ميلاپ.

siphonogamy (ساڻفونوگمي) **n** fertilization by pollen

tube. تخفر نلي ميلاپ، پور نلي ميلاپ.

siphonophore (سائفنو نوفور) **n** a colonial hydrozoan of the order siphonophora. خر نلي بردار جيوت جو خاندان.

siphonostele (سائفنو نوس ٽيلي) **n** a hollow cylinder of vascular tissue. (رڳدار) اوجي واري خالي نلي.

siphuncle (سائفنوڪل) **n** a tube connecting the chambers of a nautilius; a siphonet (Gr).. ماکي نلي، ماکي دان.

Siporex ® (سپوريڪس) **n** a material used by builders, and also by artists, a form of aerated concrete, which can be sawn, etc. ڪنڪريٽ ناهڻ وارو مادو جيڪو ڪارائي سان ڪپي سگهجي.

sipper (سپر) **n** one who or something that sips; a drinking straw. ڍڪ پريندڙ، سرڪيندڙ، تيلي (پيئڻ لاءِ).

sippet (سپيٽ) **n** a morsel, esp of bread to be eaten with soup. ڊبل روٽيءَ جو ٽڪرو، ڳيو جو قيمي سان گڏ ٿالهيءَ ۾ رکيو آهي.

sipunculid (سائپنڪيولڊ) **n & adj.** any marine worm of the group spunculacea, having a retractile proboscis. بحري جيت جنهن کي ٻاهرتي لڪتل وڏونڪ هجي.

sir (سر) **n** a word of respect (disapprobation) used in addressing a man; a gentleman; prefixed to the Christian name of a knight or baronet; a word of address to man in a formal letter; to address as 'sir'. جيءَ، سان، جناب، سائين، صاحب، سرجو خطاب، جيئندا قبلا، سائين.

sircar or sirkar (سرڪار) **n** the state or government; the authorities; a province or district; an Indian clerk or factotum (Urdu). حڪومت، سرڪار، آقا، سرڪاري ملازم، ڪلارڪ.

sirdar (سردار) **n** a military leader in India and other Eastern countries; a commander-in-chief.. سپهه سالار، مهندار، سردار، فوجي اڳواڻ.

sire (ساير) **n** a father, esp of a horse or other animal; an ancestor; a master, lord, man of high rank; a term of address to a king; a senior or elder; (of animals) to father.. سانُ، ڏاڏيءُ، جهان پناهه، جيئندا قبلا، حضور، وڏو، پيءُ، مربي، بزرگ، سردار، حضرت.

siren (سائرن) **n.** a signalling or warning instrument that produces sound by the escape of air or steam through a rotating perforated plate; a fascinating woman, insidious and deceptive; a bewitching singer; one of certain sea nymphs, part woman, part bird, whose seductive songs lured sailors to their deaths on rocks; a mermaid; any eel-like amphibian of the family, having no hind legs and with external gills.. وڏي آواز وارو اوزار، گهوگهو، ڀُڳي، رمڻي، موهڻي، سمنڊ ديوي، ڪاسهڻي سورت، سهڻي مائي، ديومالائي صورت جنهن ۾ هڪ حصو عورت ۽ هڪ پکيءَ جو هُجي سمنڊ پري، جل پري، جل ديوي.

sirenian (سائرينين) **adj. & n.** of, relating or belonging to the Sirenia, an order of aquatic mammals now represented by the dugong and the manatee; a member of this order, having paddle like forelimbs and no hind limbs. بحري ڳئونءَ جي باري ۾، بحري ڪير پياريندڙ مخلوق بابت، بحري ڪير پياريندڙ ڳئون، مناتي، مخلوق يا جانور.

sirenize (ise) (سائر نائيز) **vt.** to bewitch, allure or enchant. موهڻ، ٺڳڻ، جادو ڪرڻ، منڊ وجهڻ، منڊڻ.

siren suit (سائرن سوٽ) **n** a close-fitting trousered overall, orig designed for use in air raids. هڪ تنگ وارو وڏو وڳو جنهن ۾ پاجامو ۽ قميص گڏيل هجن، قرمچي ۽ سائي رنگ جو عق عق پکي، نيل ڪنٺ، ست رنگو پکي، سرگنگ پکي.

sirgang (سرگنگ) **n** a green Asiatic jay-like bird. ايشيا جو سائي رنگ جو پکي، ست رنگو (پکي).

siriasis (سائرياسس) **n** sunstroke. ڏينهن لڳل، گرمي لڳل، اس لڳل، گرميءَ جي جهٽ، سج جهٽڪو، گرميءَ جو جهٽڪو.

sirih or siri (سري) **n** betel. سوپاري.

sirius (سائريس) **n** the Dog-star. تارو، قلب الجبـاد، هڪ وڏو چمڪندڙ تارو، ڪتي تارو.

sirkeer (سرڪير) **n.** sirkeer cuckoo, found in Indo Pakistan and South Asia. سرڪر مالڪوها، مالڪوها پکي جيڪو ايشيا کنڊ، پاڪستان ۽ هندستان ۾ ملي ٿو.

sirloin (سرلائن) **n** the upper part of a loin of beef. ڳائي پوٺي، ڪمر جو گوشت، ڳائي گوشت جي ڪمر.

sirocco or scirocco (اسائروڪو) **n** an oppressive, hot, dry, dusty and gusty wind blowing from N Africa to the north Mediterranean coast, becoming moist further north; any oppressive south or south-east wind; a wind from the desert; a drying machine.. گرم خشڪ ۽ مٽيءَ واري هوا، ڏاکڻي گرم طوفاني هوا، (آفريڪي کنڊ ۾) واريءَ علائقي مان ايندڙ گرم ۽ خشڪ هوا، گرم ۽ خشڪ ڪندڙ مشين.

sirrah (سرا) **n.** a word of address like 'sir', with an angry force added. ڪاوڙ واري حالت ۾ ٻاڻ ڪان وڏي کي چيل لفظ سائين.

sir-reverence (سر رورنس) **n** a corruption of the phrase save reverence, used apologetically when anything vulgar or disgusting has to be mentioned. هڪ جملو (سائين معاف ڪجو) جيڪو چوڻ کانپوءِ ماڻهو ڪو گويا گندو لفظ چئي سگهي.

sisal (سسل) **n** agave fibre, used for making rope etc.سل گاهہ جو ڌاڳو، واڻ يا ڏور لاءِ سڻيءَ جهڙو ٻوٽو، سڻيءَ جو رسو.

siserary or **sisserary** (سسرري) **n** a scolding; a blow. ڏڪ، گار گند، گهٽ وڌ ڳالهائڻ، چنبو پٽڻ.

sissoo (سسو) **n** a papilionaceous Indian timber tree or its wood (Hindi). ٽاليءَ يا شيشم جو وڻ، ٽاليءَ جو ڪاٺ.

sist (سسٽ) **vt & n.** to stop, stay; to cite, summon; a stay. بيهارڻ، بيهڻ، ترسڻ، ڪهرائڻ، ٽندڻ، مثال ڏيڻ، ترسائڻ.

sister (سسٽر) **n, adj. & vt.** a female born of the same parents; a half-sister; a sister-in-law; a female fellow; a member of a sisterhood; a nun; a senior nurse, esp one incharge of a ward; of the same origin; fellow; built on the same model; to be a sister to; to call sister.ڀيڻ، ادي، همشيره، نرس، دادي، ساهيڙي، ٻيراڳڻ، سنياسي، ماتيائي، ساڳي نموني تي تيار ڪيل.

sisterhood (سسٽرهڊ) **n** the act or state of being a sister; the relationship of sister; a society, esp a religious community, of women; a set or class of women. ڀيڻپو، ڀيڻپائي، سنياسين جي جماعت.

sister hook (سسٽر هوڪ) **n** one of a pair of hooks that close each other.هُڪ يا ڪڙا جيڪي هڪ ٻئي ۾ وجهي بند ڪجن.

sister-in-law (سسٽر ان لا) **n** a husband's or wife's sister, or a brother's wife; a husband or wife's brother's wife. سالي، نڙان، ڀاڄائي، ڏيراڻي، ڀاڀي، مهندي، ڄيٺاڻي.

sisterly (سسٽرلي) **adj.** like or befitting a sister; kind; affectionate. ڀيڻ وانگر، ڀيڻ جهڙي، ڀيڻ جهڙو، پيار جو.

sistrum (سسٽرم) **n** an ancient Egyptian wire rattle used in Isis-worship. پراڻو مصري باجو.

sit (سٽ) **vi & vt.** to rest on the lower extremity of body or buttocks and thighs with the upper body more or less vertical; (of birds) to perch; to brood; to have a seat, in parliament; to be in session; to reside; to be a tenant; to be located, have station or of the wind direction; to pose, to be a model; to undergo an examination, be a candidate; to weight, bear, press; to be disposed in adjustment, hang, fit; to befit; to seat; to have a seat on, ride; to undergo or be examined in; to stay in or with in order to look after.ويهڻ، پلٿي هڻڻ، اوڪڙو ويهڻ، چترڻ تي ويهڻ، ڪالب ڪڍي ويهڻ، سنڌرو ٻڌي ويهڻ، بدن جي هيٺين حصي تي سڌو ٿي ويهڻ، ڪرسيءَ تي ويهڻ، آنن تي ويهڻ، ڪچهري ڪرڻ، اجلاس ڪرڻ، سوار ٿيڻ، (تي) ويهڻ، اميد وار بيهڻ، هيٺ مٿي ڪرڻ، هوا جو طرف ڏسڻ، مسواڙي هجڻ، پڪيءَ طرح قيام ڪرڻ، ماڊل طور ويهڻ، امتحان ۾ ويهڻ، گڏ رهڻ.

sitar (ستار) **n** a Hindu plucked-string instrument with a long neck and a rounded body (Hindi). ستار ساز.

sitatunga, situtunga (ستاٽونگا) **n** a species of African antelope, notable for its elongated hooves which allow it to walk on marshy ground (Swahili)آفريڪي درياهي هرڻ، آفريڪي هرڻ جيڪو خطري وقت پاڻيءَ ۾ لهي ويندو آهي، وڏن کرن واري هرڻ جي جنس جوجانور.

sit down (سٽ ڊائون) **n & adj.** a spell of sitting; (of a meal) that one sits down to; (of a strike) in which workers down tools but remain in occupation of the plant, workshop.(ماڻيءَ تي) ويهي رهو، هيٺ ويهہ، ويهڻ، ويهڻ، ڪم ڇڏڻ، اوزار ڦٽا ڪرڻ، ڪمين جو ڪم ڪار بند ڪري ويهي رهڻ (احتجاج طور).

site (سائيٽ) **n & vt.** the situation, esp of a building, town; a plot or the area of ground occupied or set apart for a building; an area set aside for some specific purpose, activity; posture; to locate, position..سر زمين، علائقو، ماڳ، هنڌ، جڳهہ، پٽ، مقام، موضوع، جاءِ، واردات جي جاءِ، ڪم ڪرڻ واري جاءِ، بيهڪ، حالت، بيهارڻ، ڪنهن جڳهہ تي قائم ڪرڻ.

sit fast (سٽ فاسٽ) **n** a lump in a horse's skin under the saddle. گهوڙي جي پٺيءَ تي هنې واري جاءِ تي هڪ ڳوڙهو.

sith (سٿ) **adv, prep, conj. & n.** since; time..تڏهن کان، انهي وقت کان، وقت، گهڙي.

sit in (سٽ ان) **n** the occupation of a building, as an organized protest against some (alleged) injustice etc.قبضو ڪرڻ، گهڙڻ، ويهي رهڻ، احتجاج طور ڪم بند ڪري هڪ هنڌ ويهي رهڻ.

Sitka spruce (سٽڪا اسپروس) **n** a spruce tree, Picea stitchensis, with sharp blue-green needles; grown for its timber in both N America and Europe.صنوبر جي جنس جو وڻ جنهن ۾ نيرا ساوا ڪنڊا هوندا آهن، عمارتي ڪاٺ وارو آمريڪي ۽ يورپي وڻ.

sitology or **sitiology** (ستولاجي) **n** dietetics.کاڌي جو علم، علم غذائيات، خوراڪ وديا، خوراڪ وچا.

sitophobia or **sitiophobia** (ستو فوبيا) **n** morbid aversion to food. کاڌي کان خوف.

sitrep (سٽرپ) **n** a report on the current military position..فوج جي تازي صورتحال، تازي فوجي صورتحال بابت معلومات.

Sitta (ستا) **n** the nuthatch genus.وڻن تان ڪيڙا ڳولي کائيندڙ پکين جو قسم.

sitter (سٽر) **n** one who sits; one who sits as a model for an artist or with a medium; one who takes responsibility for looking after a child at home

while its parents are out, a babysitter; also, one who looks after a house, pet, in the absence of its owner; a sitting bird; an easy shot; an easy dupe; anything difficult to fail in; a sitting-room..ويهندڙ. آئن تي ويهندڙ، آري واري ڪڪڙ، ڪڙڪ مرغي، آسان ڪم، اوطاق، بيٺڪ، ويهڻ جوڪمرو، ٻار سنڀاليندڙ عورت، آيا، گهر جي سنڀال ڪرڻ وارو ماڻهو (خاص ڪري مالڪن جي غير موجودگيءَ ۾)، پاليل پکي، سنئو نشان ڏيندڙ پکي، اهڙونشانو جنهن جي خطا ٿيڻ جو خطرو نه هجي، سولو نشان.

sitting (سٽنگ) **n & adj.** the act or state of being seated, act of taking a seat; a period of being seated; brooding on eggs; a clutch; one or two or more groups into which a large number of diners are divided, or the period set aside for each group to occupy the dining-room; a continuous meeting of a body; a spell of posing for an artist; a seat; a church seat; seated; brooding; in the course of a parliamentary session.ويهڪ، اجلاس، ويهڻي، بيٺڪ، ويهڻ جي جاءِ، آري جو وقت، ويهڻ وارو وقت يا عرصو، ماني کائڻ واري جاءِ ۾ مختلف گروهن لاءِ مقرر ڪيل وقت، مصوريءَ لاءِ ويٺل ماڻهوءَ جو ساڳي حالت ۾ ويهڻ يا ويهڻ جو وقت، چرچ ۾ ويهڻ واري جاءِ، آرو، پارليامان جو اجلاس يا بيٺڪ.

sitting room (سٽنگ روم) **n** a room in which members of a family commonly sit; a space for sitting.ويهڻ جي ڪوٺي، اوطاق، ڪچهريءَ جي جڳهه.

sitting target (سٽنگ ٽارگيٽ) **n** an easy target or victim. سولو ڪم يا نشانو، ويٺل شڪار.

sitting tenant (سٽنگ ٽينينٽ) **n** the tenant currently occupying a property.موجود مسواڙي، موجود يا هن وقت وارو مقاطعدار.

sit tight (سٽ ٽائيٽ) **vt, vi.** to maintain one's seat; to keep one's position quietly and unobtrusively. پنهنجي جاءِ تي ڄمي ويهڻ، قابو ٿي ويهڻ.

Sittlichkeit (زٽلهڪيٽ) **n** morals, morality; that which is becoming or suitable (Ger).اخلاق، اخلاقي قدر، مناسب. اخلاق، سهڻو سڀاءُ.

situate (سٽيوئيٽ) **vt & adj.** to set, place, locate; to circumstance; placed with respect to any other object; situated..رکڻ، هند هئڻ، موضوع، واقع، چڱي هند هئڻ، خراب جاءِ تي هجڻ، ڪنهن ٻيءَ شيءِ لاڳو يا ويجهو هجڻ، بيهڪ.

situated (سٽيوئيٽيڊ) **adj.** having a site or position; located; placed or permanently fixed with respect to any other object or place; being in any state or condition with regard to men or things; the Circumstanced.مقيم، واقع، لڪائو، استاپن، هند هئڻ، ڪنهن ماڻهوءَ يا جاءِ سان لاڳاپيل حالت ۾ مقرر ڪيل، ٻيهاريل.

situation (سٽيوئيشن) **n** location; station; place; position; momentary state; plight; condition; a set of circumstances; a juncture; a critical point in the action of a play or the development of the plot of a novel; office, employment..جاءِ، هند، حالت، صورت، مهل، موقع، عهدو، نوڪري، جڳهه، درجو، منصب هند، مڪان، ڪنهن ناول جي خاڪي ۾ مشڪل صورتحال، ڪهاڻيءَ ۾ وڪڙ، راند ۾ مونجهاري واري حالت، دفتر.

situation comedy (سٽيوئيسن ڪاميڊي) **n** a comedy, in a television or radio series in which the same characters appear in each episode, which depends for its humour on the behaviour of the characters in particular, sometimes contrived, situations.ٽيليويزن يا ريڊيي ۾ هلندڙ مزاحيه پروگرام جنهن ۾ هر پروگرام ۾ ساڳيا اداڪار ساڳين يا مختلف ڪردارن ۾ پيش ٿيندا رهن.

situationism (سٽيوئيشنزم) **n** the theory that human behaviour is determined by surrounding circumstances rather than by personal qualities.هڪ اصول يا متو ته انساني رويو موجود يا آس پاس موجود حالتن جي بنياد تي پرکيو وڃي نه ڪي ڪنهن جي ذاتي خوبين يا لياقتن مطابق، موجود صورتحال ۾ روين جو اڀياس.

situla (سٽيولا) **n** a bucket. بالٽي، ڏول، ٻوڪ، ڪوش، دلوچو.

sit up (سٽ اپ) to rise from a recumbent to a sitting position, or from a relaxed to an erect seat; to become alert or startled; to remain up instead of going to bed; to keep watch during the night.جاڳڻ، هند تي اٿي ويهڻ، ٽانگي ويهڻ، ويهڻ واري جڳهه تان اٿي ٻيهڻ، سڌو ٿي ويهڻ، هوشيار ٿيڻ، ٻيٺو رهڻ، سڄي رات ٻيهي چوڪيداري يا سنڀال ڪرڻ.

sit upon (سٽ اپان) the buttocks; to hold an official inquiry regarding; to repress, check or delay dealing with..ٻنڊڻ، سرڪاري طور ڪنهن معاملي جي جاچ جوچ ڪرڻ، ٻنڊڻ، روڪڻ، سنڀال ڪرڻ، ڏسي وائسي معاملوڪرڻ.

situs (سٽس) **n** position; the normal position of an organ in the body.حالت، جسماني عضوي جي عام حالت (جنهن ۾ اهو موجود هجي).

sitz-bath (سٽس باٿ) **n** a therapeutic hip-bath in hot water; a bath taken in a sitting posture (Ger).علاج طور هيٺين ڌڙ (خاص ڪري چٿڙن وارو حصو) کي گرم پاڻيءَ ۾ وهنجارڻ يا ڪجهه وقت لاءِ ٻڏل رکڻ، پاڻيءَ اندر ويهي رهڻ.

sitzkrieg (سٽسڪريگ) **n** the period (September, 1939 to May, 1940) of comparative military quiet at the opening of World War II, or any similar period in any war (Ger).ٻي مهاڀاري جنگ دوران اهو وقت جڏهن چوڏاري

ڪجهه خاموشي ۽ ڪنهن به قسم جي چرپرپابت ڪا خبر نہ رهي.

Sium (سائم) **n** the water-parsnip genus. آبي گجر (ٻوٽو).

Siva (شيوا شو) **n** the third god of the Hindu triad, destroyer and reproducer.شوديوتا، هندن جو خدا، ماريندڙ ۽ پيدا ڪندڙ ديوتا.

Sivan (سيوان) **n** the ninth month of the Jewish civil year, third of the ecclesiastical year, part of May and June (Heb). عبراني نائون مهينو، مذهبي ٽيون مهينو.

Sivapithecus (شيوا پٿيڪس) **n** an Indian Miocene fossil anthropoid.هندستان ۾ ملندڙ پنڊ پاهڻ ٿيل انسان نما مخلوق جا هڏا جيڪي هڪ اڳوڻي تهذيبي دور ۾ ان علائقي ۾ رهندڙ هئا.

Sivatherium (شيوا ٿرير) **n** a gigantic giraffe-like Indian Pliocene fossil animal.پنڊ پاهڻ ٿيل حالت ۾ مليل زراف جي صورت وارا جانور جيڪي هڪ اڳوڻي دؤر ۾ رهندا هئا.

Siwash (سائواش) **n** a NW American Indian.اتر اولهہ آمريڪا جو اصلوڪو الڏين يا هندي باشندو.

six (سڪس) **n & adj.** the cardinal numeral; one more than five; next above five; a symbol representing it (6, vi); a set of that number; an article of sized denoted by it; a playing-card with six pips; a score of six points, trick; the sixth hour after midnight or after midday; a six-cylinder engine or car; a six-syllable line; a division of a Brownie Guide or Cub scout pack; the age of six years; of the number six; six years old.چهہ، ڇڪو، شش، ڇڪ، ڇڪي (پتو)، ڇهن جو انگ، پنجن کانپوءِ وارو انگ، ڇهن جي انگ يا رقم جو نشان، ڇهن شين جو سيٽ، ڇهون نمبر شيءِ، ڇهن جو اسڪور، رات يا ڏينهن جا ڇهہ بجہ، ڇهن حصن واري موٽر جي انجڻ، ڇهن سالن جي عمر، ڇهہ سالو، ڇهن جو انگ يا رقم.

sixain or sixaine (سڪسئن) **n** a stanza of six lines (Fr). ڇهن سٽن جو بيت، شعر.

sixer (سڪسر) **n** anything counting for six, eg a hit at cricket, or indicated by six; the leader of a Brownie Guide or Cub scout six.اهڙو ڏڪ جنهن سان ڇهہ رنسون ٿهن، ڇڪو يا ڇڪي وارو ڏڪ، اسڪائوٽن جي ڇهن ڄڻن واري دستي جو اڳواڻ.

six-fold (سڪس فولڊ) **adj & adv.** in six divisions; six times as much. ڇهوڻو، ڇهہ تهو.

six-foot (سڪس فوٽ) **adj.** measuring six feet.ڇهہ فٽو، ڇهہ فٽ.

six-footer (سڪس فوٽر) **n** a person six feet tall.ڇهہ فٽ ڊگهو ماڻهو.

six-pack (سڪس پئڪ) **n** a pack which comprises six items sold as one unit, esp a pack of six cans of beer.ڇهن شين جو بنڊل، ڇهن بوتلن يا ڊبن جو گڏ وڪڻڻ لاءِ تيار ڪيل بنڊل.

six penny (سڪس پيني) **adj.** costing or worth six pence; cheap; worthless; formerly, a sixpenny book. ڇهن پيسن جو، سستو، ٻي ملهہ.

six-shooter (سڪس شوٽر) **n** a six-chambered revolver. ڇهن گولين وارو پستول.

sixte (سڪسٽ) **n** a parry with hand on guard opposite the right breast, sword point a little raised to the right (fencing – Fr). ترار بازيءَ جو داءُ.

sixteen (سڪس ٽين) **adj.** six and ten.سورنهن، سورنهن جو انگ يا رقم.

sixteenth (سڪس ٽينٿ) **adj.** last of sixteen; next after the fifteenth; equal to one of sixteen equal parts; a sixteenth part; a person or thing in sixteenth position..سورهون، سورهون نمبر شيءِ، سورهن جو هڪ برابر حصو، سورهون نمبر ماڻهو يا شيءِ، سورهين نمبر تي بيٺل.

sixth (سڪسٿ) **adj.** last of six; next after the fifth; equal to one of six equal parts; a sixth part; a person or thing in sixth position; an interval of five; a combination of two tones separated by such an interval (music).ڇهون، ڇهن برابرحصن مان هڪ حصو، ڇهون حصو، ڇهون نمبر، ڇهن مان هڪ، موسيقيءَ جي هڪ وڇت جو طريقو.

sixth form (سڪسٿ فارم) **n** (the classes studying in) the two years of preparation for A-level examinations in England or, in Scotland, the one year of preparation for higher level examinations and sixth-year studies.(انگلستان ۾) اي ليول جي ڪلاس جو امتحان ڏيڻ جي تياريءَ واروڪلاس، ڇهون درجو، ڇهون ڪلاس، ڇٺون ڪلاس، ڇٺون درجو.

sixties (سڪسٽيز) **n pl.** the numbers sixty to sixty-nine; the years so numbered in a life or century; a range of temperature from sixty to just less than seventy degrees..سٺڙيو، سٺ کان اُنهتر سالن جي ڄمار وارو، سؤ سالن گذاريل عمر جو عرصو، گرميءَ جو پد جيڪو سٺ کان مٿي ۽ ستر کان گهٽ هجي.

sixtieth (سڪسٽيٿ) **adj.** last of sixty; next after the fifty-ninth; equal to one of sixty equal parts; sixtieth part; a person or thing in sixtieth position..سٺون، سٺ برابر حصن مان هڪ حصو، سٺ نمبر تي بيٺل ماڻهويا شيءِ.

sixty (سڪسٽي) **adj & n.** six times ten.سٺ، ڇهہ ڏهاڪا، ٽي ويهون.

sizable or sizeable (سائيزئبل) **adj.** of a considerable bulk; of reasonable size..ماپڻ جوڳو، ويڪرو، وڏو، قد آور.

چڱو خاصو، پوري پني قد جو.

size[1] (سائيز) **n, vt & vi.** bigness; bulk; comparative magnitude; any of a series of graded measurements into which eg clothes, shoes are divided; an allowance; a portion of food and drink; to measure; to draw a size; to assume size. ڪاڇو، قد، ماپ، مقدار، ڊيل، ماپ ڪرڻ، ڪڇڻ، ڪٿڻ، جسر، ڊيل، پيمانو، انداز، ڪچ، آڪار، سوچيءَ جوڪارب، مانيءَ يا ڪاڄيءَ پيتي جو مقدار، ڪنهن ڏٺل ماپ مطابق تيار ڪرڻ.

size[2] (سائيز) **n & vt.** a weak glue or gluey material used for stiffening paper or rendering it sufficiently water-resistant to accept printing-ink without over-absorption, for stiffening fabric and for preparing walls before plastering or wallpapering; to cover or treat with size. لينگ، پيڻ، سرس، لئي، ڪنوئر. ڪلف،چنبڙندڙ سادو، پني ياڪپڙي تي ڪلف ڪري ڇاپي ڪاري ڪرڻ، ڪلف ڏيڻ.

sized (سائيزڊ) **adj.** having a particular size (often in combination, as in mediumsized). سائيل، (لنڍي وڏي) ماپ جو، مقرر ماپ جو، درمياني ماپ جو.

sizer (سائيزر) **n** a measurer; a gauge; a thing of considerable or great size. ماپيندڙ، مابو، ماپ پيمانو، اپرندڙ. چڱي خاصي قد بت وارو.

sizing (سائيزنگ) **n** sorting by size; size or a week glue; application of size, or material for the purpose. ڪڇڻ، پيماني بندي، ماپ ڪاري، درجي بندي، ڪلف هڻڻ جو عمل، هلڪو ڪنوئر جهڙو مادو، هلڪو ڪلف مادو، ڪلف ڏيڻ.

sizism or sizeism (سائزم) **n** discrimination against fat people. ٿلهن ماڻهن سان بہ اڪيائي، غلط هلت، خراب رويو.

sizzle (سزل) **vi, vt & n.** to make a hissing sound of frying; to be in a state of intense emotion, esp anger or excitement; to fry, scorch, sear; a hissing sound; extreme heat. (ترڻ مهل) سون سون ڪرڻ، سوسات ڪرڻ، جوش ۾ اچڻ، ڪاوڙ ۾ تپڻ، وات مان گجي نڪرڻ، سوست جو آواز، تمام گهڻي گرمي.

sizzler (سزلر) **n** a sizzling heat or day; a thing strikingly fierce or effective. ساڙيندڙ گرمي، تمام سخت گرم ڏينهن، جوشيلو، جذباتي، ڌاڙيءَ تيڙو.

sizzling (سزلنگ) **n** a hissing; very hot; very striking. تمام ڪوسو، سخت گرم، ساڙيندڙ، لهسائيندڙ، نقصانڪار.

sjambok (شئمباڪ) **n & vt.** a whip of dried hide; to flog (Afrik). (چمڙي جو) ڪوڙو، چهبڪ، لڪڻ، چمڙي جي وڏي، ڪوڙا هڻڻ، ڪوڙن يا چمڙي جي وڏيءَ سان ڌڪ هڻڻ.

Sjogren's syndrome (شهرگرينز سنڊروم) **n** a condition, often associated with rheumatoid arthritis and lupus erythematosus, in which secretion from the mucous membrane becomes deficient, with resulting dryness of eg the mouth and eyes. جوڙن يا سنڌن جي سور يا سوڄ واري حالت جنهن ۾ جوڙن کي سڻڀ مهيا ڪندڙ غدود گهٽ ڪم ڪندا آهن نتيجي طور وات ۽ اکين ۾ بہ خشڪيءَ جوائر گهڻو ٿيندو آهي.

skail, scail or scale (اسڪيل) **vt & vi.** to disperse; to scatter; to pill. ٽيڙڻ پکيڙڻ، ورهائڻ، هيڏي هوڏي ڪرڻ، اچلائڻ.

skaines mate (اسڪينس ميٽ) **n** a companion, a scapegrace. ساٿي، دوست، جوڙيوال، همراز، شتر بي مهار، اوگان، ڪرم هيڻ.

skald or scald (اسڪالڊ) **n** a Scandinavian bard. اسڪنڊيناوين ملڪن ۾ پٽ فقير، عوامي شاعر.

skank (اسڪنڪ) **vi & n.** to dance to reggae music, lifting the knees up in rapid, jerky movements; such a dance, or a spell of this kind of dancing. نچڻ، ساز وڄائڻ ۽ ان تي نچڻ، هندوچيءَ يا جهومر جهڙو هڪ ناچ، (جن جي) اثر هيٺ نچڻ جو طريقو، ڌمال.

skart, scart, scarth or skarth (اسڪارٽ) **n** a cormorant. مڇي کائيندڙ پکي، سلي، ڪانرو، ڪنيو پکي.

skat (اسڪيٽ) **n** a three-handed card game using 32 cards. تاس راند، ٽن ڄڻن لاءِ تاس راند.

skate[1] (اسڪيٽ) **n & vi.** a sole or sandal mounted on a blade (for moving on ice); a narrow steel bar fastened under the foot; a boot with such a bar or blade fixed to it; a roller-skate; a spell of skating; to go on skates. برف تي هلڻ لاءِ جتي، ليچي، نسڪچي، برف تي ڪاليءَ جي جتيءَ رستي ڊوڙڻ يا هلڻ.

skate[2] (اسڪيٽ) **n.** flat fish; a large edible kind of ray of tropical and temperate waters. هڪ قسم جي مڇي، سانگوس مڇي، بٽن، پمو، ڪرونج، گهندو، گبو، پٽڻ جنس جون معتدل پاڻيءَ جون مڇيون.

skate board (اسڪيٽ بورڊ) **n** a narrow board made of wood, fibreglass, mounted on roller-skate wheels, on which the user balances and rides, usu in a standing position. برف تي ترڪڻ لاءِ تاڪ يا تختو.

skatepark (اسڪيٽ پارڪ) **n** an area set aside for skateboarding, usu including specially designed ramps, obstacles, etc. برف تي هلڻ يا ترڪڻ واري تختي يا جتيءَ سان هلڻ لاءِ خاص طور تيار ڪيل جڳهہ.

skatole (اسڪيٽول) **n** a crystalline compound (C_9H_9N) found in faeces and coal tar. بلوري مادو جيڪو پاخاني يا تارڪول مان ملندو آهي.

skaw, scaw (اسڪا) **n** a low cape or headland (in

place names).هيناهين، واري زمين، زميني نالن ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ.

skedaddle (اسڪيڊيڊل) **vt & n.** to run off hurriedly; a hasty flight.تڪڙي اڏام، ڀڄي وڃڻ، چال ساري کسڪي وڃڻ، تڪڙي ڀاڄ.

skeechan (اسڪيچن) **n** a kind of beer made by mixing malt liquor, a by-product of the brewing process, with treacle. شراب جو قسم، بيئر.

skeely (اسڪيلي)**adj.** skilful..انڪلي، هنر وارو، هوشيار، سياڻو، ماهر.

skeesicks (اسڪيسڪس) **n** a rascal..بدمعاش، ٺڳ، ڦورو، غنڊو.

skeet (اسڪيٽ) **n** a form of clay-pigeon shooting.مٽيءَ جا ڪبوتر ڇتڻ واري راند.

skeg or skegg (اسڪيج) **n** (in early sailing vessels) a short length of keel projecting aft beyond the sternpost to protect the rudder; (in steamships) an extension or projection from the keel to protect the propellers; (in modern yachts) a short keel used in conjunction with a fin keel; a stabilizing fin projecting from the underside at the rear of a surfboard or sailboard.اڳوڻي وقت وارن بحري جهازن ۾ ٻاهر نڪتل هڪ بيهڪ جيڪا ان جي ٻاهرئين حصي جي حفاظت خاطر لڳائي ويندي هئي، آگبوٽن جي پٺين حصي جي ٻاهرتي نڪتل بيهڪ جيڪا ان جي ڦرڻيءَ جي حفاظت لاءِ بيهاري ويندي آهي، ٻيڙين يا لانچن جي اهڙي بيهڪ جنهن ۾ الجڻ وارو ۽ چڪريءَ وارو حصو اندر ۽ پاسا ٻاهر نڪتل هوندا آهن.

skegger (اسڪيگر) **n** a young salmon, a salmon fry. ننڍي يا ڪچي سامن مڇي.

skeigh (اسڪيح) **adj.** shy; coy; aloof; skittish. شرميلو، لڄارو، حياءُ وارو، ڌار ڌوتڙو، الڳ ٿلڳ رهڻ وارو.

skein (اسڪين) **n.** a loosely tied coil or standard length of thread or yarn; a small hank of thread; a tangle; a web; a loose or confused bundle of things; a flock of wild geese in flight; the chromosomal network in a cell when at the mitosis stage..ڍيرو، ڦورو، ولر، ڌاڳن جو پڙدو، ويڙهو، ريل، بنڊل، جهنگلي پکين جو اڏامندڙ ٽولو، جنسياتي جزي جي شروعاتي بيهڪ.

skelder (اسڪيلڊر) **vi & vt.** to beg or obtain money by begging; to swindle, cheat..پنڻ، خيرات گهرڻ، ڦرڻ، سڪائڻ، ٺڳلائڻ، ٺڳي ڪري کائڻ.

skeleton (اسڪيلٽن) **n** the bony framework of a person or an animal; the veins of a leaf; a framework or outline of anything; a scheme reduced to its essential or indispensable elements; a workforce, reduced to its lowest strength; an emaciated person or animal..هڏن جو پنجرو، پانڊو، ڍانچو، پڊر، لاغر، ڪمزور، ضعيف، خاڪو، قالب، ماس ۽ هڏا، ڏٻرو، ڪنڊن جي مٺ، هڏين جي مٺ، لاهر، وسٽو ماتر، مڙدو، نقشو، ڪٽل ماڻهو يا جانور.

skeletonize (-ise) (اسڪيلٽنائيز) **vt.** to reduce to a skeleton or minimum framework; to create the basic framework for..خاڪو ٺاهڻ، ڪمزور ڪرڻ، ڍانچو رهائڻ، ڍانچي سازي، پڃري سازي، خاڪي بندي.

skeleton key (اسڪيلٽن ڪي) **n** a key with its serrated edge or the shaped part of its fit filed down, so that it can open many locks.چور ڪنجي، گهڻا تالا کولڻ واري چابي.

skeleton shrimp (اسڪيلٽن شرمپ) **n** a ghostly-looking amphipod. گانگٽ جو هڪ قسم.

skelf (اسڪيلف) **n** a splinter of wood, esp one that becomes embedded in the skin..ڇپر، ڇيٽ، ڪاٺ جي ٿهي، چلر.

skell (اسڪيل) **n** a homeless person who lives on the streets, often obtaining money by begging. خانہ بدوش، رولو، رولاڪ، پينو، فقير، گدا، لاوارث، بي گهر، بي خانمان.

skelloch (اسڪيلوءِ) **vi & n.** to yell; a yell..رڙيون ڪرڻ، واڪا ڪرڻ، وڏي واڪي ڳالهائڻ يا سڏڻ.

skellum, schellum or skelum (اسڪيلم) **n** a ne'er-do-well; a scamp, rascal..بدمعاش، غنڊو، ٺڳ، ڦورو، ڦڙداگير، لچ، لُچو، لوفر، رهزن.

skelly[1] **or skellie** (اسڪيلي) **vi & n.** to squint; a sideways glance; cross-eyed..ٽيڏو، ٽيڏيءَ اک سان ڏسڻ، ڏيڍو، ٽرڙو، اک ٽيٽ ڪرڻ.

skelly[2] (اسڪيلي) **n** a freshwater white fish, Coregonus lavaretus, of the Lake District, a local variation of the powan with spotted flanks.آمريڪا جي مٺي پاڻيءَ جي هڪ ڇٽن وارين ڪنيڙين واري مڇي.

skelm or schelm (اسڪيلم) **n** a rascal..رهزن، بدمعاش، لوفر، ڦورو، ٻر.

skelp (اسڪيلپ) **vt, vi & n.** to slap; to move briskly along; to bound along; a slap..ٺڪ هڻڻ، چماٽ هڻڻ، تڪڙو هلڻ، تکي وک سان وڃڻ، هلڻ، ٺڪ، ٺڦڙ، چماٽ.

skelping (اسڪيلپنگ) **adj.** very big or full; smacking; lusty; a smacking..تمام وڏو، قدآور، ڀريل، ٿلهو، ڀاري، ڳرو، متارو، جانٺو، تندرست، ڏمتال، ستر وٽر، زور آور.

skelter (اسڪيلٽر) **vi & n.** to scurry; a scurry..تکو وڃڻ، تيزي، تڪڙو تڪڙو ڊوڙڻ.

skene or skean (اسڪين) **n** an Irish or Highland dagger, knife, or short sword.خنجر، ڇرو، وڏو چاقو، ننڍي تلوار، نيمچو.

skene-dhu or **skean-dhu** (اسڪين دو) **n** a dirk, a dagger stuck in the stocking in full Highland dress. خنجر، پاسي ۾ ٻڌڻ وارو چرو يا وڏو چاقو، نيمچو.

skene-occle (اسڪين اوڪل) **n** a dirk, dagger, or knife carried in the sleeve..قميص جي ٻانهن اندر ٻڌل خنجر يا چرو.

skep (اسڪيپ) **n & vt.** a large round basket of wickerwork or straw; a beehive, esp one made of straw; to collect into a hive..ماکيءَ جو مانارو، بيد جي ٽوڪري، ڪارو، ڇٻي، ڇبو.

skerrick (اسڪرڪ) **n** a minute quantity, a scrap.تمام معمولي وزن، ذرو، چنڪي، چپٽي.

skerry (اسڪيري) **n** a rocky isle; a reef of rock or a small rocky island.ننڍو جابلوٽڪر، ننڍو پهاڙي حصو، جابلو علائقو جنهن ۾ ننڍا ٽڪر يا ٽڪريون هجن.

sketch (اسڪيچ) **n, vt & vi.** a drawing, slight, rough, or without detail, esp as a study towards a more finished work; an outline or short account; a short and slightly constructed play, dramatic scene, musical entertainment; a short descriptive essay; to make or give a sketch of; to outline, or give the principal points of; to practise sketching..خاڪو، ڍانچو، ڪچو نقشو، مسودو، نقل، شڪل، ننڍو ناٽڪ، مورتي، انگارڻ، ليڪڻ، نقشو، خاڪو ڪڍڻ، تمام ٿورن اکرن ۾ لکيل بيان يا مضمون، خاڪي طور ڪڻ، معمولي بيهڪ ڏيڻ، ليکون ڪڍي تيار ڪرڻ.

sketchable (اسڪيچ ايبل) **adj.** worth sketching.ليکڻ جهڙو، نقشي ناهڻ لائق.

sketch book (اسڪيچ بوڪ) **n** a book of or for sketches (in drawing, literature or music)نقشن جو ڪتاب، خاڪن جو ڪتاب.

sketchy (اسڪيچي) **adj.** like a sketch; incomplete, slight, vague; imperfect, inadequate.)..خاڪي جهڙو، نقشي نما، خاڪي نما، اڻ پورو، ڪڍيل يا ناميل، غير مڪمل يا نامڪمل چٽ، اڌورو، ڪچو ليکيل.

skeuomorph (سڪيوئو مارف) **n** a decoration or decorative feature in architecture, derived from the nature of the material used, or the way of working it; a retained but no longer either functional or incidental characteristic of an artefact, eg the "casting seams" knapped on to a flint knife, imitated from those on a cast bronze knife; also applied to modern decorative features such as the imitation stitching on plastic upholstery.عمارت سازيءَ ۾ سينگار ٻيهارڻ جو طريقو جنهن مطابق استعمال ڪيل شين کي سهڻي ۽ وڻندڙ بيهڪ ڏجي، سيبي يا ٽانڪي جو طريقو، گل ڪاريءَ جو طريقو.

پرت جو نمونو.

skew[1] (اسڪيو) **adj, adv, n, vt** and **vi.** oblique; biased; assymetrical; awry; obliquely; (of statistics or a curve representing them) not symmetrical about the mean; awry; obliquity; to set, go or look obliquely..ڏنگو، پاسيرو، ٻاونجرو، ٽيڙو، ترڇو، ڏنگو، ڦڏو، ڪماڻي، خمدار.

skew[2] (اسڪيو) **n** the coping or a coping-stone of a gable ڪماني، ونگ، خمدار بيهڪ.

skew-back (اسڪيوبڪ) **n** the part or inclined surface on which a segmented arch abuts.گولائيءَ يا خمدار بيهڪ جو اندريون يا جڙيل حصو.

skewbald (اسڪيو بالڊ) **adj & n.** (of an animal, esp a horse) marked in white and another colour (not black); a skewbald horse. ابلق ڳاڙهو (گهوڙو)

skew bridge (اسڪيوبرج) **n** a bridge having its arch or arches set obliquely on its abutments..پُل، محرابي پل، دروازن تي بيهاريل پل.

skewer (اسڪيوئر) **n & vt.** a long pin for holding pieces of meat together for cooking; to fasten or pierce with a skewer; to transfix.ڪباب جي سيخ، سيخ ۾ پوئيندڙ، سيخون پچائيندڙ، سيخ ۾ پوئڻ، قابو ڪرڻ، منڍڻ، ٻنڍڻ.

skew-whiff (اسڪيووف) **adj** and **adv.** crooked, awry. ڪبو، چبو، ڪبڙو، خمدار، مڙيل.

ski (اسڪاءِ) **n** a long narrow runner of wood or metal or manmade materials, fastened to the foot to enable the wearer to slide across snow; to travel on skis. وڏي برف جتي، چاڪڙي.

skia- or **scia-** (اسڪيا) combining form : denoting shadow. پاڇو، عڪس، سايو، پاڇولو، ڇانو.

skiable (اسڪائبل) **adj.** (of a surface) in a condition suitable for skiing on.برفاني لسو ۽ سڌو ميدان جنهن تي تختن رستي گسي لهي ۽ چڙهي سگهجي.

skiagram or **skiagraph** (اسڪيا گرام آر گراف) **n** a shadow picture or photograph, eg an X-ray photograph. فوٽو، پاڇو، عڪس.

skiamachy (اسڪيامڪي) **n** a sham fight; a fight with shadows. جڙتو مقابلو، پاڇي سان جهيڙو.

skiascopy (اسڪيااسڪوپي) **n** retinoscopy.شعاع بيني، اک جي چڪاس جو طريقو.

skiatron (اسڪيائرن) **n** a cathode-ray tube in which an electron beam varies the transparency of a phosphor, which is illuminated from behind so that its image is projected on to a screen.بجليءَ رستي پردي تي هلندڙ يا بيٺل تصويرون ڏيکارڻ جو نظام.

skibob (اسڪي باب) **n** a vehicle resembling a bicycle used for gliding down snow-slopes, consisting of a short front-pivoting ski, turned by handlebars, and a longer fixed rear ski with a seat attached. برفاني جڳهين تي چڙهڻ لاءِ سائيڪل صورت گاڏي.

ski bum (اسڪي بم) **n** a devotee of skiing who travels the world seasonally in search of snowy conditions. برفاني سيلاني، برف تي گسڪڻ، ڊوڙڻ يا ڀڄڻ جو شوقين.

skid (اسڪڊ) **vi, vt, n.** to slide along without rotating, as does a wheel to which a brake has been applied; to slip, esp sideways; (of an aeroplane) to slide sideways when banking; to slip or slide losing grip or traction; to check with a skid; to cause to skid; a drag for the wheels of a vehicle; a slide-slip; a skidding; a support on which something rests, is brought to the desired level, or slides; an aeroplane runner; a ship's wooden fender; a shoe or other device to check a wheel on a downslope. ٽيڪ، اڙ، اڏ، روڪ، ڪانءُ، جهل، جهالو، چوڪاٺو، ٽيڪ لڳائڻ، روڪڻ، پٺي بان، گسڪي يا ترڪي وڃڻ، بريڪ لڳڻ تي گاڏيءَ جو هيڏي هوڏي ٿيڻ، ترڪائڻ، گسڪائڻ، گسڪي لهڻ، جهاز کي بچائڻ لاءِ اڏ، ڦيٿي روڪ، ترڪڻ يا گسڪڻ کان بچائڻ لاءِ نظام يا سرشتو.

skidder (اسڪڊر) **n** a person or thing that skids; a tractor with thick tyres used for hauling logs. ٽيڪ ڏيڻ وارو، جهليندڙ، ڪاٺ جا بنڊ ڪڍي وڃڻ وارو ٽريڪٽر.

skid lid (اسڪڊلڊ) **n** a crash helmet. مٿي تي پائڻ وارو سخت ٽوپ، مٿي جو خود، لوهي ٽوپلو.

skid pan[1] or **pad** (اسڪڊ پان يا پئڊ) **n** a piece of slippery ground on which motorists can learn to control a skidding car. هڪ روڊ جو لسو يا ترڪڻو حصو جتي ڊارئيورن کي گاڏي هلائڻ سيکاري وڃي.

skid pan[2] (اسڪڊ پان) **n** a drag for a wheel. جهالو، ڪانءُ يا لوهه جي لڪڻدي پٽي جيڪا ڦيٿي هيٺان رکجي.

skid proof (اسڪڊ پروف) **adj.** (of a road surface or tyre) designed to prevent skids. (رستو) جنهن تي ڪابہ ترڪڻي يا لسي جڳهہ نہ هجي.

skid row or **road** (اسڪڊ رو آر روڊ) **n** a squalid quarter where vagrants, chronic drinks live. جڳهہ جتي موالين ۽ شرابين جو ٺڪاڻو هجي، رولو ۽ لوفر ماڻهن وارو علائقو.

Ski-doo ® (اسڪاءِ ڊو) **n** a motorized sledge, fitted with tracks at the rear and steerable skis at the front. ڪانيءَ جي ڊگهي پٽي جيڪا موٽر وسيلي (برفاني علائقن ۾) هلائي سهڪجي.

skiff[1] (اسڪف) **n** a small light boat. ننڍي ٻيڙي، ٻونڊي ٻيڙي.

skiff[2] (اسڪف) **vi, vt & n.** to skim; a skimming or grazing movement or blow; a slight touch; a sketch; a puff. ٿري لاهڻ، سرسري طور گهورڻ، مٿان لنگهي وڃڻ، ڌهڻ، ڌهڻ جو عمل، ڇڪڻ وارو ڌڪ، سٽ، هٿ لائڻ، لپوڙڻ، ٿڦ هڻڻ.

skiffle (اسڪفل) **n** light rain, drizzle. بوندا باندي، ڦڙيون پوڻ، سنهي بوند وسڻ.

ski-flying (اسڪي فلائنگ) **n** ski-jumping from a high take-off point, so that a longer time is spent in the air. برفاني جابلو علائقي ۾ مٿاهينءَ تان هيٺاهين ڏي ٽپ ڏيڻ.

skijoring or **skikjoring** (اسڪي جارنگ) **n** the sport of being towed on skis by a horse or motor vehicle. ڪنهن موٽر گاڏيءَ يا گهوڙي سان ڪاٺ جي تختن تي ٻيهي برفاني ميدان ۾ ڊوڙڻ واري راند.

ski-jump (اسڪي جمپ) **n** a steeply sloping, snow-covered track ending in an elevated platform from which a skier jumps; a jump by a skier from such a platform. برف تي ٻَل يا ٽپو، مٿاهين برفاني جڳهہ تان هيٺاهين ڏانهن ٽپ ڏيڻ.

ski-kiting (اسڪي ڪائٽنگ) **n** water-skiing holding on to a bar on a kitelike device. چوڪور ڪانيءَ تي ٻيهي تيز رفتار ٻيڙيءَ پٺيان پاڻيءَ جي مٿاڇري تي ڊوڙڻ واري راند.

skilful (اسڪلفل) **adj.** skilled; dexterous; expert; clever. هُنري، هنرمند، ڪَشل، ماهر، حاذق، پڙ، سگهڙ، چتر، ڪاريگر، استاد، عقلائو (علاج)، تيز، چرب دست، چالاڪ، هوشيار.

skilfully (اسڪلفلي) **adv.** in a skilful manner; dexterously. هنرمنديءَ سان، هوشياريءَ سان، چالاڪيءَ سان، سگهڙپائيءَ سان، استاديءَ سان، ڪاريگريءَ سان.

ski lift and ski two (اسڪي لفٽ ۽ اسڪي ٽو) **n** devices for taking skiers uphill. برفاني جبلن تي هيٺاهين کان مٿاهين حصي ۾ ويندڙ ماڻهن لاءِ سواري.

skill (اسڪل) **n, vt and vi.** ability; aptitude; expertness; a craft or accomplishment; aptitudes and competencies appropriate for a particular job; expert knowledge; reason; discrimination; to matter; to make a difference; to signify. مهارت، فن، هنر، هوشياري، حڪمت، الڪل، عمل، پيسو، حرفت، سليقو، ڪاريگري، ڪَشلتا، چترائي، سمجهہ، سوچ، ارادو، عقل، فرق ڪرڻ جي تميز، ظاهر ڪرڻ جي قوت.

skill centre (اسڪل سينٽر) **n** a training establishment to assist those who wish to develop new occupational skills. هنري مرڪز، مهارت جو گهر، سکيا گهر.

skilled (اسڪلڊ) **adj.** expert; skilful; (of a job) requiring special training.. ماهر، پڙ، داناءُ، حرفتي، هنرمند، ڪاريگر، آزمودگار، تجربيڪار، اهل فن، ڳٽي، نوڪري جنهن لاءِ ڪا

مهارت هئڻ لازمي هجي.

skillet (اسڪليٽ) **n** a small, long-handled pan; a frying-pan. ڪڙڇ، ڪٽهي، فرائي پان، ٽئي.

skillion (اسڪيلئن) **n** an outhouse or lean-to, esp one with a sloping roof. ترڪڻي ڇت واري لانڍي، ڇن، ڇوٽرو، ڇنو، لڙهواري ڇت واري جاءِ.

skillion roof (اسڪلن روف) **n** a roof slanting out from the wall of a building. لهواري ڇت، ترڪڻي ڇت.

skilly (اسڪلي) **adj.** thin gruel. جوَن جو ڪش، سنهي رب، پتڙو پت، يخني، شوررو.

skim (اسڪم) **vt, vi, n.** to remove the skum or floating matter from the surface of; to remove (floating matter) from the surface of a liquid; to glide lightly over; to read superficially, skipping parts; to pass over lightly; to glide along near the surface; to become coated over; the act of skimming; skimmed milk. تري يا ملائي لاهڻ، ڦيڻ يا گج لاهڻ، گجي لاهڻ، ڇني لاهڻ، مٿاڇري تي ترندڙ مادو هٽائڻ، مٿان لنگهي وڃڻ، سرسري طور ڏسي وٺڻ، مٿاڇري نظر وجهڻ، مٿاڇرو پڙهڻ، ملائي لٿل کير، ميڙي ڪڍڻ، تر، ملائي، گجي، ڇني، جهڳ، ڦيڻ، بنا سٿب يا گهٽ سٿب وارو خشڪ کير.

skimble-skamble (اسڪمبل) **adj.** wild, rambling, incoherent. بي ڍنگو، رولو، رڙ، واڪو، جهنگلي، سمجهه ۾ نه ايندڙ (آواز).

skimmer (اسڪمر) **n** one who or a thing that skims; a utensil for skimming milk; an apparatus for clearing water of floating debris or pollutants, eg in a swimming pool; a seabird that skims the water; Indian skimmer or scissor bill. ڪفگير، چمچو، ڪرڇو، ڪڙڇ، ڪيوي، ڏوئي، ڪربي، تر لاهيندڙ باسڻ، پاڻيءَ جي مٿاڇري تان ڪچرو ميڙي ڪٽڻ وارو ٽانڊ، پاڻيءَ جي مٿاڇري تان چوڳو ڪندڙ پکي، پاڻي چير پکي (هن جي مٿين چهنب لنڍي ۽ هيٺين وڏي هوندي آهي ۽ سمنڊ جي مٿاڇري تان اڏامندي مڇيون جهليندو آهي، هي وڏي ڪينا پکيءَ صورت آهي ۽ ان جو هڪ قسم هندستان ۽ پاڪستان ۾ ۽ ٻيو قسم آفريڪا ۾ ملي ٿو، هن وقت هي قيمتي پکي آهي).

skimmia (اسڪيميا) **n** any Asiatic shrub of the genus, cultivated for its holly-like leaves and fragrant panicles of flowers (Jap). خوشبودار گلن وارو جپاني ٻوٽو، پاڪستان جي جابلو علائقن جي ڏارن ۽ ٿالن ۾ ملي ٿو.

skimp (اسڪمپ) **vt, vi & adj.** to scrimp; to stint; scanty, spare. ڪنجوسي ڪرڻ، پيٽ ڪٽڻ، سڌي ساپ تور ڪرڻ، ڪنجوسيءَ سان ڏيڻ، ٿورو، گهٽ، ڪوتهه، ڪوتاهه، معمولي، صرفاتو، ڪفايتي، غريب.

skimpy (اسڪمپي) **adj.** (of clothes) scanty; stingy, mean. لنڊو، ٿورو، اڻ پورو، لنڊا ڪپڙا، ڪنجوس، ڪفايتي، سيو، مسڪين، غريب.

skin (اسڪن) **n, adj, vt & vi.** the natural outer coating of tissue of a human or an animal; a hide, bark, rind; a thin outer layer or covering; the outer surface other than fabric of an aircraft; an integument; a membrane; a wine vessel made of an animal's skin; a drum; of skin; to cover with a skin; to strip the skin from; to swindle or fleece; to become covered with skin, or with any membranous layer; to slip through or away. کل، چمڙي، چمڙو، کل جو تهه، کل مان ٺاهيل ٿانءُ، پکال، دهل، جهاز جي ٻاهران واري چادر، چمَر، چم جي ٺهيل شئي، ڇلڪو، ڇوڏو، کل چاڙهڻ، چوڙو، کل لاهڻ، ٿئين جلد، خول، کل اچڻ، ڇل، ڇلڻ، ڦرڻ، ٺڳي ڪرڻ، دولاب ڏيڻ، کسڪائڻ، لڪري وڃڻ، کسڪي وڃڻ.

skin-care (اسڪن ڪيئر) **n** care of the skin by using cosmetics. کل جي سنڀال، چمڙيءَ جي حفاظت.

skin-deep (اسڪن ڊيپ) **adj** superficial; shallow, not deeply fixed. تراڪڙو، چادر جهڙو، مٿاڇرو.

skin diver (اسڪن ڊائيور) **n** a naked pearl-diver; a person involved in skin-diving. بنا ڪپڙن جي موتي ۽ سپيون چونڊيندڙ مهاڻو، اگهاڙو تارو يا ٽوبو.

skin diving (اسڪن ڊائونگ) **n** diving and swimming under water, with breathing equipment carried on the back, not wearing the traditional diver's helmet and suit, and not connected with a boat. پاڻيءَ اندر ساهه کڻڻ وارو اوزار کڻي ٽٻي هڻندڙ ماڻهو (جن کي تمام گهٽ ڪپڙا پهريل هوندا آهن).

skin effect (اسڪن افيڪٽ) **n** the tendency, increasing with frequency, for an alternating current to be greater in the surface layer of a conductor. بجلي پسرائيندڙ اوزارن يا تارن جي سطح تي وڌيڪ قوت هجڻ وارو عمل.

skin flick (اسڪن فلڪ) **n** a cinema film in which there is much nudity and sexual activity, esp a cheaply made pornographic film. اگهاڙي فلم، اگهاڙيون تصويرون، فحش فلم.

skin flint (اسڪن فلنٽ) **n** a very niggardly person. ڪنجوس، بخيل، موذي، چم چوس، پٿر چٽ.

skin food (اسڪن فوڊ) **n.** a cosmetic intended to nourish the skin. کل کي صحت مند رکڻ واري لڳائڻ واري دوا.

skin game (اسڪن گيم) **n** a swindling trick. ٺڳڻ واري اٽڪل، ٺڳيءَ جو ناهه.

skin head (اسڪن هيڊ) **n** a young person with closely cropped hair, esp applied to a member of a gang wearing simple, severe clothes and displaying aggressive anti-establishment behaviour. گنجي مٿي وارو

مالهو، مٽي ڪوڙيل ۽ تنگ ڪپڙا پاتل جوان. گنجن جي ٽوليءَ جو ساٿاري.

skink[1] (اسڪنڪ) **vi, vt. & n.** to pour out; alcoholic drink. اوتڻ. شراب لاهڻ. شراب جو پيالو.

skink[2] (اسڪنڪ) **n** any lizard of the family, Scincidae, of Africa and Asia, with an elongated body and short limbs. ريگماهي، سقنقور، مک جهڙي ڪرڙي.

skink[3] (اسڪنڪ) **n** soup, orig made with stock from a shin of beef, made with fish; a shin of beef. رس. رهو. شوروو. گوشت يا مڇيءَ جو ڪهاڻو شوروو.

skin magazine (اسڪن ميگزين) **n** a magazine featuring photographs of naked women or men. اگهاڙن فوٽن وارو رسالو. فحش رسالو يا مخزن.

skinny (اسڪني) **adj.** of or like skin; thin, esp unattractively thin, too thin; (of a pullover) tight fitting. هڪ تهه. سنهو. کل جهڙو. سڪل. ڪلاڪون. ڏٻرو. لِبل. پتلو. لاغر. بغير ماس چم. چمڙي. تنگ پوشاڪ.

skinny-dip (اسڪني ڊپ) **n** to bathe naked. کل ڏوڙڻ. اگهاڙو وهنجڻ.

skinny-rib (اسڪني رب) **n** a tight-fitting sweater of ribbed wool or similar fibre. سوڙهي جرسي. سوڙهي پوشاڪ.

skint (اکنٽ) **adj.** without money, hard up. سڃو. ڪنگل. غريب. مفلس. مجبور. ڪنگل ڪاٽو.

skin-test (اسڪن ٽيسٽ) **n** a test made by applying a substance to, or introducing a substance beneath, a person's skin, to test for allergy, immunity from a disease. کل جي جاچ چڪاس. الرجيءَ جي چڪاس لاءِ کل تي مختلف مادا لڳائي چڪاسڻ.

skin-tight (اسڪن ٽائيٽ) **adj.** fitting close to the body, like a skin; tights. سوڙهو. تنگ لباس.

skin wool (اسڪن وول) **n** wool from a dead sheep. مئل رڍ جي اُن. چم واري اُن.

skio or skeo (اسڪيو) **n** a hut; a shed. ڇپر. ڇن. لانڍي. ڇٽونرو. ڇاپرو.

skip[1] (اسڪپ) **vi, vt & n.** to leap lightly; progress by hopping on each foot alternately; to spring or hop lightly; to make jumps over a twirling rope; to pass lightly, inattentively; to pass discontinuously; to overleap; to omit; to cut, not go to a class; an act of skipping; a belt of inaudibility in wireless transmission; a college servant in some older universities. ٽپا ڏيڻ. ڪڏ ڏيڻ. ٽينگ ڏيڻ. لوڙهي تي ٽپ ڏيڻ. ڪڏڻ. ٽپڻ. ٽپ ڏيڻ. ڇڏي وڃڻ. ترڪ ڪرڻ. ٻي ڏينهن مسان لنگهي وڃڻ. هلندو بيهندو وڃڻ. اڳتي نڪري وڃڻ. اوچتو ڏيڻ.

ڪاليج جو ملازم يا نوڪر. پراڻين يونيورسٽين ۾ هڪ معمولي نوڪر.

skip[2] (اسڪپ) **n** a box or truck for raising minerals from a mine; a large basket or container for transporting building materials, theatrical costumes or refuse. کاڻ مان ڪوئلن ڪڍڻ جو ڏول يا ڇڪڙو. ڪارو. مال ڍوئڻ واري گاڏي. گند گاڏي.

skip[3] (اسڪپ) **n, vt & vi.** the captain of a rink in bowls or curling; to act as a skip. (باولس راند جو) ڪپتان. ڪپتان طور شامل ٿيڻ.

ski pants (اسڪي پينٽس) **n** tightly-fitting trousers made of stretch fabric and having a strap which is worn under the foot, orig designed for skiing but now more often worn as everyday wear. ربڙي ڪپڙي جي پوشاڪ جيڪا برفاني جبلن تي ڊوڙڻ يا پين ڪرتبن وارا پائيندا آهن.

skipjack (اسڪپ جيڪ) **n** a pert fop; any of a number of species of fish that jump out of, or swim at the surface of, the water, such as the bonitos, the bluefish, the saurel, and either of two species of tuna. ڪڏڻو. رنگيلو. مڇاڻي تي ترندڙ مڇي. نيڪون ڏيندڙ تندڻ.

skipper[1] (اسڪپر) **n & vt.** the master of a ship; a ship's captain; the captain of an aeroplane; the captain of a team; to act as skipper. ناکئو. ناخدا. ناخودو. جهاز جو ڪپتان. ٽيم جو ڪپتان. ڪپتان طور عمل ڪرڻ. ڪپتان بنجڻ. ذميوار ٿيڻ.

skipper[2] (اسڪپر) **n** a person who skips; a dancer; a young and thoughtless person; a hairy-bodied butterfly, with wings of the same length as its body, so called because of its short jerky flight; the saury. نچڻو. ڪڏڻو. البيلو. ڪڏندڙ. ٽپ ڏيندڙ واردار بدن وارو پوپٽ.

skipper[3] (اسڪپر) **n & vi.** a barn, outhouse, esp as a sleeping-place for vagrants; to sleep rough in barns. پانڊو. پاٽاري. لانڊي. ڇن. رولو ماڻهن لاءِ اجهو. فقير خانو. ڇنن ۾ رهڻ.

skippering (اسڪپرنگ) **n** sleeping rough. خراب حالت يا زمين تي سمهڻ.

skippet (اسڪپيٽ) **n** a flat box for protecting a seal (eg of a document). تراڪڙي پيتي. مهر لاءِ ننڍي پيتي.

skip zone (اسڪپ زون) **n** an area round a broadcasting station where transmissions cannot be received. نشرياتي اداري جي آس پاس واري جاءِ (جتي ڪنهن به قسم جي نشريات نه حاصل ڪري سگهجي).

skirl (اسڪرل) **vt, vi &n.** to shriek or sing shirlly; to make the sound of the bagpipes; a shrill cry; the sound of the bagpipes. دانهون ڪرڻ. رڙيون ڪري ڳالهائڻ.

رڙ، واڪو، ڪيڪ، ڪوڪ، ساز جو وڏو آواز، تيز شرنائين جو آواز.

skirling (اسڪرلنگ) n a shrill sound..رڙ، دانهن، ڪيڪ، ڪوڪ، واڪو.

skirmish (اسڪرمش) **n & vi.** a minor irregular fight between small or marginal parties; to fight slightly or irregularly.ملڪو جهيڙو، چٺاپيٽي، ننڍو جهڳڙو، ملڪي لڙائي، معمولي جيڙ چاڙ.

skirr, sker, scur or **squirr** (اسڪر) **vt. & vi.** to scour, search, range over; to send skimming; to scurry.ڀڄي وڃڻ، ڊڪڻ، ڳولڻ، تلاش ڪرڻ، چڪاسڻ، گهمي ڦري ڏسڻ، ڳولها ڦولها ڪرڻ.

skirret (اسڪريٽ) n a water parsnip with edible roots. پالڪ، پاڻيءَ واري ڪاجرو پاڙن واري ڀاڄي.

skirt (اسڪرٽ) n the lower and loose part of a garment, generally a woman's that hangs from the waist; the lower part of a gown, coat, or other garment or anything suggesting this; a saddle-flap or saddle-lap; a midriff (of meat); a rim, border, margin; a part of, or attachment to, an object that suggests a skirt, eg the flap of material hanging down around the base of a hovercraft to contain the air-cushion, or a similar flap around a racing-car; the lower edges of a sheep's fleece; a woman; to border; to pass along the edge of; to scour the outskirts of; to be on or pass along the border; (of dogs) to leave the pack..دامن، پاند، پهڪ، وٽ، ڪناري، ٻنانڙو، ڪنارو، حاشي، ڪپ، حد، ڪس، گهاگهرو، پيشڪي، گهيرڻ، (جي) ڪپ هئڻ، چوڦيرهئڻ، وٽان هئڻ، پاڻيءَ تي لهڻ ۽ چڙهڻ واري هوائي جهاز جي هيٺان لڳل نرم تهه، ريس واري ڪار جو نرم خول، رڍ جي اُن جون سنهيون چوٽيون، عورت، مائي، ڪناريءَ تان هلڻ يا لنگهڻ، ڪپ تان لنگهڻ، چوڌاري ڳولهڻ، آس پاس ڳولا ڪرڻ، سرحد وٽان لنگهڻ، (ڪتن جو) ٽولي کان ڌار ٿي وڃڻ.

skirter (اسڪرٽر) n one who removes skirts from fleeces; a huntsman who dodges his jumps by going round about.اُن لاهيندڙ، پشم لاهيندڙ، گهيرو ٺوڙي ڪسڪي ويندڙ.

skirting (اسڪرٽنگ) n material for skirts; skirting-board; dirty wool from the skirts of a fleece.گهاگهرن يا زناني قميصن لاءِ ڪپڙو، بچاءَ لاءِ ٻاهريون نرم تهه، ميري اُن، ٻچڙين واري اُن، بيڪار قسم جي اُن جيڪا رڍ جي پيٽ ۽ ڄنگهن تان ڪٽي ولي هجي.

skirting-board (اسڪرٽنگ بورڊ) n the narrow board next to the floor round the walls of a room; a board round the bottom of a wall.ديوار جي فرش سان ملندڙ حصي کي لڳل ڪاٺ جي سنهي پٽي (پٿر به استعمال ٿئي ٿو).

ski run (اسڪي رن) n a slope for skiing on.برف تي ڊوڙڻ لاءِ لاهي.

ski stick (اسڪي اسٽڪ) n one of a pair of sticks, usu pointed with a disc near the tip, used by skiers for balance or propulsion. برف تي هلڻ لاءِ لٺ يا سونٽي.

skit (اسڪٽ) n a satirical or sarcastic sketch in dramatic or literary form; a humorous hit; a hoax; a sudden slight shower of rain or snow..ڪل ٺٺول، سٽ، مسخري، چٿر، ٽوڪ، مزاح، چرچو، مينهن يا برف جو وسڪارو.

skite[1] or **skyte** (اسڪائيٽ) **vi & n.** to dart or glide obliquely; a glancing blow; a spree; a trick; a queer person.پاسيرو ٿي هلڻ يا لنگهي وڃڻ، پاسيرو ڌڪ، حملو، پيالو، پاٽي، انڪل، حرفت، عجيب يا سنڪي ماڻهو.

skite[2] (اسڪائيٽ) **vt.** to boast; a boastful person.ڊاڙ هڻڻ، ٻٽاڪ هڻڻ، ڊاڙي، ٻٽاڪي.

ski-touring (اسڪي ٽوئرنگ) n the sport of journeying on skis across country, as distinct from downhill skiing on a particular slope.برفاني سير، برفاني علائقي ۾ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچڻ واري راند.

skitter (اسڪٽر) **vi.** to skim over the surface of water; to fish by drawing the bait over the surface; to scamper lightly.ترڻ، ترڪڻ، پاڻيءَ جي مٿاڇري تي چارو رکي مڇي ڦاسائڻ، ڪسڪائڻ، گسائڻ.

skittish (اسڪٽش) **adj.** unsteady; timorous; wanton; frisky; hasty; fickle; light-headed; frivolous; frisky, playful; lively; volatile; changeable; coy..چنچل، البيلي، لهڻو، ڦرلدڙ گهرلدڙ، بي مغز، نشي ۾ الوٽ، خماريل، مدهوش، اچيت، بي خيالو، هلڪو، سفلو، بيهودو، خفيف، پرندڙ، ڦاٽندڙ، ستجندڙ، نچڻو، ڪڏڻو، زندهہ دل، ڦڙت، ڪڙو تڙو، چست چالاڪ، جيالو، شوخ.

skittle (اسڪٽل) **n & vt.** a pin for the game of skittles; a form of ninepins in which a ball or cheese is used; to know down.ڪائين جي راند، پنير جي ڳوڙهي سان چٽڻ (واري راند).

skittle out (اسڪٽل آئوٽ) (cricket) to dismiss batsmen quickly. (ڪرڪيٽ راند ۾) ڪيڏندڙ رانديگر کي جلد ڪاپائڻ.

skive[1] (اڪائيو) **vt.** to pare or split leather.کل چلڻ، کل کي صاف ڪرڻ.

skive[2] (اسڪائيو) **vt & vi.** to evade a work or duty.ڪم کان ٽائڻ، گسائڻ.

skiver (اسڪوِر) n split sheepskin leather; a person or machine that skives. رڍ جو چمڙو، چليندڙ، چم لاهيندڙ.

skivie (اسڪوي) **adj.** deranged; askew..چريو، ڦتل، ابتو، ديوانو، مٿو ڦريل.

skivvy[1] (اسڪوي) **n & vi.** a disrespectful word for a

female domestic servant; a drudge; to work as a skivvy, to drudge.گار، نوڪرياڻي، لاء گهرو نالو. پوچي واري يا صفائيء واري عورت، گيد گهڻ. ڪنو يا گندو ڪم ڪرڻ.

skivvy2 (اسڪوي) n a man's undervest; a knitted cotton polo-necked sweater. ڪچو. گنجي.

skoal or skol (اسڪول) **interj.** hail !; a friendly exclamation in salutation before drinking, etc.شراب جي محفل ۾ پيئڻ شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ وارو نعرو يا خوش خير عافيت. دعا.

skolly or skollie (اسڪولي) n a coloured hooligan, esp a member of a gang (Afrik).رنگين بدن. رنگين وارن يا رنگين ڪپڙن وارو رولو يا لوفر ڇوڪرو.

skoosh (اسڪوش) **vt, vi & n.** to squirt, spurt; a squirt or spurt..پچڪاري هڻڻ. فصل ۾ نيرو. ڦشڪ ڦندلي. ڦوهارو. پچڪاري.

skrik (اسڪرڪ) n a fright (Afrik). ڊڄ. ڊپ. خوف.

skrimshank or scrimshank (اسڪرم شينڪ) **vi.** to evade work or duty; evasion of work..ڪم کان ٽارڻ. ٽال مٽول ڪرڻ. گسائڻ.

skua (اسڪوئا) n any of several large predatory gull-like birds of the genus stercorarius.سامونڊي ڪينو پکي. شڪاري ڪينا پکي. عقابي ڪينا.

skudler, scuddaler or scudler (اسڪڊلر) n the leader of a band of guisers; the conductor of a festival.پوشاڪ مٽائڻ واري ٽولي جو سرواڻ. چمڙا پوش. ميلي ۾ جلوس جو اڳواڻ.

skug or scug (اسڪگ) **n, vt & vi.** shadow, shelter; to shelter..ڇانو پاڇو. هڪس. پاڇولو. ڇانورو. اجهو. اجهو ڏيڻ. پناهه ڏيڻ.

skulduggery or skullduggery (اسڪل ڊجري) n underhand malpractices; trickery..ٺڳي. هٿ ٺاٺ. ٺڳي ڪرڻ. سٽ سٽڻ.

skulk (اسڪلڪ) **vi. n.** to lurk; to malinger; to sneak out of the way; a person who skulks or avoids duties. لڪي وهڻ. ڇپڻ. چند هٽي ويهڻ. پچ پاڻي پچڻ. ڪسڪي وڃڻ. لڪي پچڻ. ترڪي وڃڻ. ڪاٺر ٿيڻ. ڪم کان ٽائي ويندڙ ماڻهو. سست. ڪم چور. ڪوسڙو. ڪاٺر.

skull (اسڪل) n the bony case that contains the brain; the head, the brain; a skullcap, esp of metal; a crust of solidified metal on a ladle..ڪوپري. ڪوپرائي. ڪاپار. جمني. ٽوپي. مٽان چاول تهه.

skull cap (اسڪل ڪيپ) n a close-fitting brimless cap; a protective cap of metal for the top of the head; the top of the skull; any labiate plant of the genus scutellaria, with helmet-like calyx.ٽوپي. جمني. ٽندي. تنگ ٽوپي. ٻوٽي جو قسم جنهن ۾ ٽوپ صورت گل هوندا آهن.

skunk (اسڪنڪ) **n.** a small American animal of weasel family, typically with a black and white coat and a squirrel-like tail, that emits an offensive fluid from a gland near its anus; its fur; a despised person; to defeat without allowing to score.آمريڪي ڳوريت. تمام گسهڻي بوءِ خارج ڪرڻ وارو جانور. ڪنو بدبودار ماڻهو. بنا ڪجهه اسڪور ڪرڻ جي رالد هارائڻ.

skunk bird or skunk-black bird (اسڪنڪ برڊ) n the bobolink (from its colouring). آمريڪي رنگ برنگي جهرڪي.

skunk cabbage (اسڪنڪ ڪئبيج) n a foul-smelling plant of the arum family.بدبودار ٻوٽو. ڪوبيءَ جي شڪل وارو بدبودار ٻوٽو.

skutterudie (اسڪوٽر اوڊائٽ) n a cubic mineral, cobalt arsenide. معدني مادو. معدني عنصر.

sky (اسڪاء) **n.** the apparent arch or canopy over our heads; the heavens; the weather; the upper rows of pictures in a gallery; sky-blue; to raise aloft; to hit high into the air; to hang above the line of sight..آپ. آسمان. گگن. آڪاش. فلڪ. فضا. آبهوا. موسم. رُت. مٿاهون. اوچو. تصويرن جي مٿاهين قطار. آسماني نيرو رنگ. مٿي هوا ۾ موڪلڻ. اڇو اڏائڻ. نظر جي حد کان مٿي ٽنگڻ.

sky-blue (اسڪاء بلو) n and **adj.** light blue like the sky. آسماني نيرو. نيلو آبي.

sky-born (اسڪاء بارن) **adj.** of heavenly birth..بهشتي ڄمر. وڏ گهراڻو ڄمر. نيڪ ڄمر.

sky-clad (اسڪاء ڪلڊ) **adj.** naked. .ننگو. اگهاڙو. بي پوشاڪ.

sky-diving or –jumping (اسڪاء ڊائونگ يا جمپنگ) **n** jumping by parachute as a sport, using a special steerable parachute, and delaying opening it for a specified time.مشان ٽپ ڏيڻ. چنيءَ ذريعي آسمان تان هيٺ ڪرڻ. پيراشوٽ رستي هوا مان ٽپ ڏيڻ.

skye (اسڪائي) n a small long-haired Scotch terrier. اسڪاٽليند جو ننڍو وڏن وارن وارو شڪاري ڪتو.

sky-high (اسڪائي هاء) **adj.** (esp of prices) very high. تمام مٿي. آسمان تائين. عرش تي. تمام مٿاهون. اچو.

sky hook (اسڪاء هڪ) n a hook at the end of a length of cable and hung beneath, eg a helicopter, used to attach a load; a type of grapping-iron used by climbers to secure a rope above, on a sheer face.هيلي ڪاپٽر ۾ هيٺان لڳل ڪنڊو. ڪڙو يا ڇلو جنهن ۾ رسي ٻڌي ڪا شيءِ هيٺ لاهي يا هيٺان کڻي سگهجي. جبل تي چڙهڻ وارن جو هڪ لوهي سيخ وارو ڇلو جنهن ۾ رسي ٻڌي لهي ۽ چڙهي سگهجي.

sky jack (اسڪاءِ جيڪ) **vt.** to hijack an aeroplane. هوائي جهاز اغوا ڪرڻ.

sky lab (اسڪاءِ ليب) **n** an orbiting experimental space station, esp one launched and manned by the US in 1973-74. فلڪي رسد گاهه. آسماني تجربيگاهه. خلا ۾ موجود تجربيگاهه جيڪا آمريڪا خلا ۾ موڪلي هئي.

sky lark (اسڪاءِ لارڪ) **n, vt.** the common lark that mounts and sings as it flies; to frolic boisterously; to trick. چنڊول پکي، چوليرِ پکي، ڍوليرِ پکي، اپ چنڊول. لينگ ٽپا ڏيڻ. اٽڪل ڪرڻ. ڪوڙ ڪرڻ. شور مچائڻ. حرفت هلائڻ.

sky larking (اسڪاءِ لارڪنگ) **n** running about the rigging of a ship in sport; frolicking. شور هل هنگامو ڪرڻ. غل مچائڻ. بحري جهاز جي عرشي تي ڊوڙڻ واري هڪ راند.

skylight (اسڪاءِ لائيٽ) **n** a window in a roof or ceiling of a building; light from or in the sky; light through the bottom of an empty glass. منگهه (آسماني روشني لاءِ). آسماني روشني. روشن دان. تابدان. خالي شيشي جي گلاس مان نظر ايندڙ روشني.

skyline (اسڪاءِ لائن) **n** the horizon; a silhouette or outline against the sky. افق. فلڪي ليڪ. سمتان.

skyman (اسڪاءِ مئن) **n** a paratrooper. خلا مان ٽپ ڏيندڙ هوا باز. چتيءَ رستي هيٺ لهڻ وارو.

sky marshal (اسڪاءِ مارشل) **n** an armed plain-clothes officer on an air-flight, having the job of protecting passengers and dealing with hijacking attempts. جهاز جو آفيسر جيڪو مسافرن جي حفاظت ڪري. اغوا ڪرڻ وارن سان مهاڏو اٽڪائي. جهاز اغوا ٿيڻ کان بچائڻ وارو عملدار.

sky parlour (اسڪاءِ پارلر) **n** an attic. بالا خانو. ماڙي. ڇت يا ماڙيءَ جو مٿاهون حصو.

sky pilot (اسڪاءِ پائلٽ) **n** a clergyman, a military chaplain. مذهبي ماڻهو. فوج جو مذهبي عهديدار. مولوي. تبليغي.

skyr (اسڪر) **n** curds; a yoghurt-like curd cheese. ملائي. چربي. ڏڌلرو. چاول کير. پنير.

skyre (اسڪاير) **vi** to shine, be gaudy, flaunt. چمڪڻ. ڏيک ويک وارو. ڦڙڪندڙ. پڌندڙ.

sky rocket (اسڪاءِ راڪيٽ) **n** a firework that bursts high in the sky; to shoot up high; to rise high and fast. آسماني آتشبازي. مٿي گولي هلائڻ. تڪو مٿي اڀرڻ. تيز ۽ اتاهين اڏام ڪرڻ.

skysail (اسڪاءِ سيل) **n** a square sail above the royal on a square-rigged ship. سڙهن واري جهاز جو وڏو چورس سڙهه يا بادبان.

skyscape (اسڪاءِ اسڪيپ) **n** a view or a picture of the sky. آسماني نظارو يا منظر. فلڪي منظر. آڪاشي نظارو. آسماني نظاري جي تصوير.

sky scraper (اسڪاءِ اسڪرپير) **n** a very lofty building; a triangular skysail; anything very high. آسمان سان لڳندڙ جاءِ. ڪابہ مٿاهين شي. ٽن سڙهن سان جهاز. ماڙي. ٿلهه.

sky sign (اسڪاءِ سائن) **n** an elevated advertising sign, eg a neon sign on a high building. مشهوريءَ لاءِ مٿي هنيل نشان. وڏي عمارت تي نشان. مٿاهون اشتهاري بورڊ.

sky-surfing (اسڪاءِ سرفنگ) **n** the sport of free-falling from an aeroplane with a modified surfboard attached to the feet, which is used to ride the air currents. هوائي جهاز مان چتي کولڻ کانسواءِ ٽپ ڏيڻ ۽ ڪجهہ وقت هوا ۾ ترڻ. پيرن ۾ تختا ٻڌي هوا ۾ پنڌ يا سير ڪرڻ.

sky-tinctured (اسڪاءِ ٽنڪچرڊ) **adj.** of the colour of the sky. آسماني رنگ. نيرو رنگ.

sky troops (اسڪاءِ ٽروپس) **n** paratroopers; airborne troops. آسماني لشڪر. هوائي فوج. چتين تي لهڻ واري فوج.

sky wave (اسڪاءِ ويو) **n** a radio wave reflected from the ionosphere. ريڊيائي يا هوائي لهرون.

sky way (اسڪاءِ وي) **n** a route for aircraft. هوائي رستو. جهاز جو رستو.

sky-writing (اسڪاءِ رائٽنگ) **n** tracing of words by smoke from an aircraft. جهازي دونهين سان آسمان ۾ اکر ليکڻ يا ناهڻ.

slab[1] (سلئب) **n, adj, vt.** a plane-sided plate; a large thick slice of cake; an outer plank sawn from a log; a thin flat piece of stone; thick and slimy; to cut slabs from; to form into slabs; to cover with slabs. پٿر جي سر. لسو تختو. لسو پٿر جو ٽڪرو. پٿر جا ٽڪرا ناهڻ. تختن سان ڍڪڻ. صليب. پٽي. پٿر چڪ. سنگ مرمر. چارو. پاليو. تختي.

slab[2] (سلئب) **adj, & n.** semi-liquid, viscous; mud. ڪهانو. چيڙهالو. گپ. چيڙهہ واري مٽي. چيڪي گپ.

slabber (سلئبر) **vi & vt.** to slaver, to drivel; to beslaver, beslobber, or beslubber; to gobble sloppily and grossly. چاپلوسي ڪرڻ. گگ ڳاڙڻ. ڳهڻ. رال وهڻ. چٽڻ.

slabby (سلئبي) **adj.** muddy. گپ وارو. ڳوڙهو. ٿلهو. غليظ.

slack[1] (سلئڪ) **adj, adv, & n.** not tight or tense; lax or loose; not firmly extended or drawn out; not holding fast; remiss; promiscuous; not strict; not eager or diligent, inattentive; not busy; not violent or rapid, slow; pronounced with wide, not tense, tongue; in slack manner; partially; insufficiently; to slack part of a rope, belt; a time, occasion, or place of relaxed movement or activity; a slack-water haul of a net; long, loose trousers for casual

ڍرو، ڪاهل، سـســت، جڏو، بي ڌيانو، ڍلو، غافل، ڍري يا wear.
لڙڪيل لوڙهي، نرم، ملاڪر، پاجامو، مانو، جهيڻ، ڪمزور، ٿڏو،
سست ٿيڻ، مانو ٿيڻ، ڍر ڏيڻ، پارڻ جهپائڻ، سست يا هلڪي چر
پر، جاريءَ رستي پاڻيءَ مان آهستي آهستي مڇيءَ کي هڪ پاسي آڻڻ،
ڍلو پاجامو، سلوار.

slack² (سلئڪ) **n** coal dross. ڪس، مٽ، اڳر، ڪارانڻ، ڪوئلي چورو.

slack³ (سلئڪ) **n** a cleft between hills; a boggy place.. ٻن ٽڪرين جي وچ ۾ وٿي يا ڏار، لنگهه، ڏٻڻ واري جاءِ، آلو، ڪهيل، پسيل.

slack away (سلئڪ اوي) to ease off freely.. ڍر ڏيڻ، سنهجائي ڏيڻ، ڇوٽ ڇڏڻ.

slack-bake (سلئڪ بيڪ) **vt.** to half-bake.. اڌ پڪل، اڻ پڪو، اڌورو پچائڻ.

slacken (سلئڪن) **vi. & vt.** to become loose or less tight; to be remiss; to abate; to flag; to become slower; to fail; to be inactive or lax; to make slack or less tight; to loosen; to slow, retard; to be remiss or dilatory in; to relax; to slake. ڍلو ڍرو ڪرڻ، ٿيڻ، ڍر ڏيڻ، گهٽائڻ، سست ٿيڻ، مانو ٿيڻ، مانو ڪرڻ، غافل ٿيڻ، پٺ تي پوڻ، وسائڻ، نارڻ، لاهڻ، پسائڻ، مٺائڻ، پچائڻ، ڍرو ٿيڻ، ڍراڻ، ڍر ڏيڻ، جهيڻ.

slacker (سلئڪر) **n** an idler; one who is reprehensibly inactive; a shirker. سست ماڻهو، ڪم چور، گوسڙو، لڪمو.

slack-handed (سلئڪ هئنڊيڊ) **adj.** remiss.. ڪاهل، غافل، ڳهيلو، ڍرو، سست.

slack jaw (سلئڪ جا) **n** impudent talk. بد ڪهٽ وڏ ڳالهائڻ، فضيلتو ڳالهاءِ، گار گند ڪرڻ.

slack rope (سلئڪ روپ) **n** a loosely stretched rope for a funambulist. نچڻ لاءِ ڍلو رسو.

slack water (سلئڪ واٽر) **n** turn of the tide; a stretch of still or slow-moving water; pertaining to slack water. مانو وهندڙ پاڻي، موٽندڙ وير يا لهر، مانيءَ پاڻيءَ بابت.

slade (سليڊ) **n** a little valley or dell; a piece of low, moist ground. ننڍي وادي يا ماٿري، هيٺاهون پوسلي ميداني علائقو.

slag¹ (سلئگ) **n, vt & vi.** fused dross of metal; solid scum or molten metal; vitrified cinders; scoriaceous lava; coal-mining waste; a piece of slag; to form into slag. ڌاتوءَ جي ميراڻ يا غير، ڪنگهر، پرندڙ جبل جو ڳاڙهو، ميل، ڌاتوءَ جي مٽ.

slag² (سلئگ) **n** a slovenly or dissolute woman (or a man). رنڊي يا بد چلن عورت، ڪسبياڻي، لوفر مرد.

slag³ (سلئگ) **vt.** to criticize, mock, deride.. لوڪ ڪرڻ، تنقيد ڪرڻ، نندڻ، ٺٺول ڪرڻ.

slag⁴ (سلئگ) **n & vi.** spit; to spit. ٿڪ، ٿڪ ڪڍڻ، ٿڪ اڇلائڻ.

slag heap (سلئگ هيپ) **n** a small hill of coalmining waste. غير يا ڪوئلي جي مٽيءَ وارو دڙو، ڍير.

slag wool (سلئگ وول) **n** fibre made from molten slag, mineral wool. معدني اُن يا تاندورو، لوهي جارو.

slainte (سلينٽ) **interj.** good health!. سٺي صحت، چڱ ڀلائي، چڱ ڀلائي جي دعا.

slairg (سليئرگ) **vt, vi & n.** to spread or smear sloppily; to east messily; a dollop; a smear.. ڏٻا يا چٽا ڪرڻ، لوڻڻ، سٿيو ڪرڻ، داغي ڪرڻ.

slaister (سليسٽر) **n, vt & vi.** a sloppy mess; wet slovenly work; to bedaub; to do anything in a wet, dirty, slobbery way; slops; drudgery. گندو ميرو دسترخوان، گدلو ڪم، گندو ۽ ميرو ڪرڻ، گپ وارو رستو، محنت يا غلامي وارو ڪم، ڪابر آلي يا پسيل شيءِ، پسائڻ، آلو ڪرڻ، ڪهمائڻ.

slake¹ (سليڪ) **vt, & vi.** to quench, as thirst or rage; to extinguish; to deaden; to moisten; to refresh with moisture; to hydrate (eg lime); to abate, mitigate, allay, reduce, moderate; to slacken; to become slaked; to subside; to abate; to die down. وسائڻ، اجهائڻ، تر يا آلو ڪرڻ، چُن کي پاڻيءَ ۾ ملائڻ، پسائڻ، نارڻ، ڍرو ڪرڻ، گهٽ ٿيڻ، اجهامڻ، لاهڻ، مٺائڻ، پچائڻ، اُسات، اُڃ، تاس، پياس.

slake² (سليڪ) **vt, vi & n.** to lick, smear, daub; a slabbery daub; a smear.. چٽڻ، داغ ڪرڻ، ٿڦڻ، مکڻ، آلو ڪرڻ، گند ٿڦڻ، داغ، چٽ.

slake³ (سليڪ) **n** mud, slime; a mudflat.. گپ، ليءِ، پور، مٽي، چڪ، گپ ڀريل ميدان.

slalom (سلالم) **n** a race in which tactical skill is required, esp a downhill or zigzag ski-run among posts or trees or between hanging poles in canoes; to move in a zigzag course. ڊوڙ جو هڪ قسم، اڻ سڌي رستي تان ڊوڙڻ، اڻ سڌو هلڻ يا ڊوڙڻ.

slam¹ (سلئم) **vt, vi & n.** to shut or strike with violence and noise; to bang; to censure, harshly criticize; the act or sound of slamming; a harsh criticism; with a slam. (در) زور سان بند ڪرڻ، لوڪڻ، ڌماڪو يا ٺڪاءُ ڪرڻ، تهمت مڙهڻ، تنقيد يا عيب ڪڍڻ، ٺهڪاءُ، ڌمڪاءُ، چٽي لوڪ، طنز، زور سان ٺهڪائڻ.

slam² (سلئم) **n & vt.** an old card-game, also called ruff or trump; (in whist) the winning of every trick; (in bridge) the winning of every trick or of

all but one (grand slam, small or little slam); to inflict a slam upon.تاس راند، بهتان يا الزام هڻڻ، راند ۾ مڪمل ڪاميابي يا سوپ، هڪ ڪان وڌيڪ راندين ۾ لاڳيتي سوپ ماڻڻ.

slam dancing (سلئم ڊانسنگ) **n** (at, esp heavy metal, rock concerts) the practice of leaping in the air and crashing into others in the crowd.ناچ جنهن ۾ وڏائپ ۾ هوا ۾ پاڻ اُڇلائجي، لچڻ، جهمر.

slammarkin or slammerkin (سلئمر ڪن) **n & adj.** a loose gown; a slovenly-dressed woman, a slattern; slovenly.ڍلو جبو، گدلي ميري عورت، بد سليقي، تمام ٿورن ڪپڙن پهريل، اگهاڙي نظر ايندڙ، فحش، فحش بيهڪ، اگهاڙپ.

slamming stile (سلئمنگ اسٽائل) **n** the upright member of a door-case against which the door shuts and into which the bolt of a rim lock engages (building). دروازي جي بانهن جنهن ۾ تالو يا ڪنڊي بند ٿئي.

slander (سليئنڊر) **n & vt.** a false or malicious report; injurious defamation by spoken words or by looks, signs, or gestures; defamation whether spoken or written; calumny; to defame; to calumniate. ڪوڙو بهتان، گلا، بدنامي، ننديا، خواري، داغ لائڻ، بدنام ڪرڻ، بي عزتي ڪرڻ، ليءِ لائڻ، ڪوڙي تهمت هڻڻ.

slanderous (سليئنڊرس) **adj.** containing slander; that utters slander; defamatory. بدنامي ڪندڙ، غيبتي، گلاخور، گلا جهڙي (ڳالهه)، بهتان واري، ڪوڙي يا بدنام ڪندڙ (خبر، لکت، ليک وغيره)، تهمت آميز.

slane (سلين) **n** a turf-cutting spade.ڪوڏر، بيلچو، زميني صفائيءَ جو اوزار.

slang[1] (سلئنگ) **n & vt.** a jargon of thieves and disreputable people; the jargon of any class, profession, or set; a class of expressions, as being inelegant or undignified; words and usages not forming part of standard language, only used very informally, esp in speech; to scold, vituperate. بگڙيل يا بازاري ٻولي، بازاري گفتو، بيمالو اکر، گار، ڪچو لفظ، چڙيل ٻولي، بي عزتيءَ وارو لفظ يا جملو، سادي ٻولي، چند ڪڍڻ، گاريون ڏيڻ، ڪچي ٻولي، اپ ڀاشا.

slang[2] (سلئنگ) **n** a short weight or measure; a travelling show, or performance; a hawker's licence.ننڍو ماپو يا ماڻ، ڪپائڻ يا گهور ڪرڻ جو اجازت نامو، گهمندڙ نمائش يا ناٽڪ.

slang[3] (سلئنگ) **n** a watch chain; any chain; leg-irons, fetters. زنجير، واچ جو پٽو، ڏاوڻ، ڏنڊا ٻيڙيون.

slant[1] (سلانٽ) **vt, vi, n & adj.** to slope; to turn, strike, fall, obliquely; to incline; to be biased; to bias in a certain direction in presentation; a slope; obliquity; a sloping surface, line, ray, or movement; a divergence from a direct line; a glance; a jibe; a point of view; way of looking at a thing; bias; a chance; sloping; oblique; inclined from a direct line..لاهي هڻڻ، لاڙڻ، لڙ، ڊڪ، سلامي، ليڏو، ليٽيل، پاونجرو، ترڇو، ڏيڍي نظر،نظريو، خيال، رويو، لاڙو، خمدار، لاهه، مڙڻ، مڙيل، لاهي، ڪنهن شيءِ تي نظر وجهڻ جو ڍنگ.

slant[2] (سلانٽ) **n** a transitory breeze.عارضي هير، يا بي بقا هوا، هوا جو جهونڪو، جهلڪو.

slanted (سلانٽڊ) **adj.** biased, prejudiced..جانبدار، طرفدار، تعصبي.

slantendicular or slantindicular(سلانٽنڊيڪيولر) **adj.** oblique; neither horizontal nor perpendicular.آڏو ليڏو، اريبي، لڙيل.

slant-eyed (سلانٽ آئيڊ) **adj.** having slanting eyes; Chinese, Japanese or SE Asian..ڏيڍي يا ليڏين اکين وارو، چيني، جپاني.

slap[1] (سلئپ) **n, vt. & adv.** a blow with the open hand or anything flat; the sound made by this; a snub, rebuke; stage make-up; hence, make-up generally; to give a slap to; to bring or send with a slap; to rebuke; to apply without much care or attention; with a slap; suddenly, violently; directly, straight.چنبو، ٿڦڙ، لپاٽ، چماٽ، ٺا، ڏوَ، البيلو اچهرو، اوچتو، بجو، چاٽ، امالڪ، پرڪري، بيپرواهيءَ سان، سڌو، سنئون، چماٽ هڻڻ، ٿڦاٽوڻي ڪرڻ، پر ڪري هڻڻ، سڌو ڏڪ هڻڻ، ڪٽڻ.

slap[2] (سلئپ) **n** a gap in a fence, wall, hedge; a hill pass; a passage in a salmon cruive; hence the weekly close time when the passage is open; to breach; to pierce.ڏار، گهارو، ڦوٽ، وٿي، ڏرڙ، لنگهه، جبل جو لنگهه، درو، لڪ، لنگ ڪرڻ، سوراخ ڪرڻ، ڇنڊڻ، چيڻ.

slap-bang (سلئپ بئنگ) **adv, adj, & n.** violently, all at once; directly, straight; dashing, violent; a cheap eating-house; a simple firework that makes a noise when thrown down.زور سان، اوچتو، امالڪ، سڌو ،سستي ڪاڌي جو دوڪان، ٺڪاءُ ڪرڻ وارو ڦٽاڪو، ڦٽي ڪري يا اڇلائي ڦاڙڻ وارو ڦٽاڪو.

slap-dash (سلئپ ڊئش) **adv, adj, n & vt.** in a hasty, careless way; hastily and carelessly done; roughcast; careless work; to do in a hasty, imperfect manner; to roughcast.تڪڙ ۾، بي پرواهيءَ سان، زور شور سان، اوچتو، پرڪري، پلستر ڪرڻ، اڌو گابرو ڪيل ڪم.

slap-happy (سلئپ هئپي) **adj..** recklessly happy; slapdash, happy-go-lucky; punch-drunk..تمام گهڻو خوش، بي پراهه، نشئي، موالي، بي فڪرو، بي ڊپائو.

slap jack (سلئپ جئڪ) **n** a flapjack, griddle-cake; a card game in which players try to win the pack by being the first to slap a hand over the jack, as it is turned over on top of the pile.گولو، تاس راند، گولي تي پتو هڻي کٽڻ واري تاس راند.

slapper (سلئپر) **n** someone who or something that slaps; a whopper, a thing very big of its kind.ڪٽيندڙ، سٽيندڙ، وڏي شيءِ، سٽي شيءِ، پنهنجي قسم جي تمام وڏي شيءِ.

slap shot (سلئپ شاٽ) **n** (in ice hockey) a fast powerful shot. تيز ڌڪ، زور دار ڌڪ.

slap stick (سلئپ اسٽڪ) **n** a harlequin's double lath that makes a noise like a slap; knockabout low comedy or face.مسخري جي لٺ، معمولي مزاح، ننڍو مزاحيہ ناٽڪ.

slap up (سلئپ اپ) **adj.** first-class, lavish, sumptuous. نئين سامان سان سينگاريل، شاندار، اول درجي جو.

slash[1] (سلئش) **vt, vi & n.** to cut by striking violently and often at random; to make long cuts in; to slit so as to show lining or material underneath; to lash; to criticize very harshly; to crack a whip; to cut down, reduce drastically or suddenly; to clear by felling trees; to strike violently and at random with a cutting or sharp instrument; to strike right and left; a long cut; a slant or solidus; a cut at random; a cut in cloth to show colours or material underneath; a stripe on a non-commissioned officer's sleeve; debris of trees; a forest clearing, esp littered with debris..ڏارڻ، ڦاڙڻ، چيرڻ، وڍڻ، وڻ ڪپڻ، واڍوڙڻ، گهاءُ ڪرڻ، سڄي کبي ڌڪ هڻڻ، ڪاٽڻ، ڪاٽ، تراش، سخت نڪتہ چيني، ڏارڻ ڦاڙڻ، واڍوڙ، چيرڏيڻ، ڪپڙي کي چير ڏئي ليڙون ڪرڻ، فوجي ننڍي ملازم جي ٻانهن تي لڳل عهدي جو نشان، ڪپيل وڻن جو ڪچرو، ٻيلي جو ڪن ڪهجر وارو حصو.

slash[2] (سلئش) **n** a low-lying, swampy area.ڏٻڻ واري جاءِ، هيٺاهين، پوسلي زمين.

slash[3] (سلئش) **vi, n.** to urinate; an act of urinating.مٽڻ يا پيشاب ڪرڻ، پيشاب ڪرڻ وارو عمل.

slasher (سلئشر) **n** one who or thing that slashes; a machine for sizing warp threads; a circular saw for slicing logs into regular lengths..ڪپيندڙ، چيريندڙ، گول ڪپڻ واري آري يا ڪاراٽي.

slashing (سلئشنگ) **n** act of slashing; a slash or slashes; the felling of trees as a military obstacle; felled trees; a clearing; cutting mercilessly, unsparing; dashing; very big, slapping.گهاءُ، وڍ، چيرڻ، ڪٽڻ، بي رحميءَ سان نقصان ڪرڻ، ٽڪر ڪرڻ، تمام گهڻو چيرڻ، نہ ڇڏيندڙ، نہ بخشيندڙ، چست، ڦڙت، تمام وڏو، اڄگر، زبردست، وڙهندڙ، تڪاتوڪي ڪندڙ.

slat[1] (سلئٽ) **vt, vi & n.** to strike, beat; to flap; a sudden sharp blow.ٽڪرائڻ، مارڻ، ڦڙڪڻ، ڌڪ هڻڻ، ٺڪا ٺوڪي ڪرڻ، ڏڪ ڏيڻ، اوچتو ڌڪ، ٺهڪو.

slat[2] (سلئٽ) **n** a slate or roofing slab; a narrow or thin strip of wood.طاقي، پٽي، چپر، ڪاٺ جو تختو، ڇت لاءِ ڪاٺيءَ يا پٿر جو سليب.

slatch (سلئچ) **n** the slack parts of cable or rope lying outside a ship..جهاز جي ٻاهران ڏور، تار يا رسيءَ جو ڍرو حصو، لڙڪندڙ رسين جا ڇيڙا.

slate[1] (سليٽ) **n, adj, vt.** a fine-grained argillaceous rock which by regional metamorphism has developed a cleavage along close-spaced planes independent of the bedding, usu a dull blue, grey, purple, or green; a slab of this material for roofing, or for writing on with chalk; a preliminary list; slate-colour; of slate; dull dark blue; to cover with slate; to enter on a slate; to clear hide of fine hair with a slater; to enter on a list; to note down for nomination or appointment; to propose; to schedule.پٿر جي ڦرهي يا تختي، سليٽ، ڇت لاءِ سليٽ يا چوڪاٺ، لکڻ لاءِ سليٽ، ڦرهي، پٿرائين پٽي، سليٽي پٿر، سليٽي رنگ، ڪارو نيرو پٿر، سليٽ بابت، ڪارو نيرو رنگ، ڪارو نيرو رنگ ڪرڻ، کل تان سنهبا وار لاهڻ، فهرست ۾ لکڻ، نوڪريءَ لاءِ يا اميدوار طور نالو درج ڪرڻ، اميداوار طور نامزد ڪرڻ، پروگرام ۾ شامل ڪرڻ.

slate[2] (سليٽ) **vt.** to abuse; to review or comment on very unfavourably; to reprimand; to bait with dogs; to set on..برو الزام لڳائڻ، بدنام ڪرڻ، گاريون ڏيڻ، نڪتہ چيني ڪرڻ، ٺوڪ ڪرڻ، ڇنڊ ڪڍڻ، ننديڻ، گهٽ وڌ ڳالهائڻ، بيعزتي ڪرڻ، ڪتن تي شرط لڳائڻ، ڪتا ٻڇڻ.

slate axe (سليٽ ايڪس) **n** a slater's axe.پٿر جون ڦرهيون ناهيندڙ جو ڪهاڙو.

slate club (سليٽ ڪلب) **n** an informally organized communal fund to which members contribute regularly, as insurance against hard times or savings towards, eg Christmas expenses etc..فنڊ، چندو، ويمو، ڏکئي وقت لاءِ بچت ڪرڻ، ويسي، ويسي وجهڻ، ويسيءَ جو نظام.

slate-coloured (سليٽ ڪلرڊ) **adj.** dark greenish or bluish grey. سليٽي، ميرانجهڙو رنگ.

slate pencil (سليٽ پينسل) **n** a cut or turned stick of soft slate, compressed slate powder, or pyrophyllite, for writing on slate.سليٽي قلم، پين، سليٽ تي لکڻ واري پٿرائين پين.

slater (سليٽر) **n** one who covers roofs with slates; a tool with a slate blade for removing fine hair from hides; a small crustaceous animal; a woodlouse. پٿر جا پرت لـاهيندڙ. ڪانـوڙي ڦـٽي. ڇت ۾ پٿـر يا سـرون لڳائيندڙ ڪاريگر. رازو. کلن تان وار يا ٻج ڪتـرڻ واري مـشين. ڪاٺ جي جوڻ، سَرو جيت.

slate-writing (سليٽ رائٽنگ) **n** in spiritualism, the mysterious process of producing writing on a covered slate. ڍڪيل سليٽ تي جادوئي طريقي سـان عبـارت لکجي وڃڻ جو عمل.

slather (سلٿدر) **n & vt.** a large quantity; to slop or smear; to squander. ججهو مـقـدار. لٽي يا اڏائي ڇڏڻ. لوڙڻ. سٽ مکڻ. ٿڦڻ. ٿڦيل. اڇلائڻ. زيان ڪرڻ.

slating (سليٽنگ) **n** act of covering with slates; a covering of slates; materials for slating. ڦرهين يا تختن سان ڍڪڻ. ڇت ڍڪڻ لاءِ پٿر جون چادرون.

slatter (سليٽر) **vi & vt.** to be untidy or slovenly; to spill, splash, slop about. گدلو. ميرو هئڻ. اگهري. ڇيگري. ميري ڪچيري ليڪري. پاڻي اڇلائڻ. پاڻيءَ ۾ تڙڳڻ.

slattern (سليٽرن) **n** a female who is dirty, untidy or slovenly woman. ميري گدلي عورت. بي افعالي عورت. ڇيگري.

slaty (سليٽي) **adj.** resembling slate; of or like slate. سليٽ جهڙو. سليٽ جي رنگ جهڙو. ڪارو نيرو پٿر. تهدار.

slaughter (سلاٽر) **n, vt.** the killing of animals, esp for food; a slaying; carnage; massacre; the killing of great numbers, usu of people; wanton or inexcusable killing, esp of the helpless; butchery; bodies of the slain; to kill in any of these ways. جانور ڪهڻ. سر وڃهڻ. قتل ڪرڻ. خونريزي. ڪوس. قتلام. قتل. ذبح. گهات. قت. زخم. ڪهڻ. گهاتڻ. حلال ڪرڻ. تڪبير وهائڻ. گهات ڪرڻ. لڙيءَ کان ڪهڻ.

slaughterable (سلاٽر ابل) **adj.** fit or due for slaughter. ڪهڻ جهڙو. قربانيءَ جهڙو. ڪوسڙو.

slaughterous (سلاٽرس) **adj.** inclined to slaughter, murderous; destructive. قـاتلانو. خوني. ظالمانو. قـاتل. مهلڪ. ماريندڙ. نقصانڪار. گهاتي.خونخوار. تباهه ڪن.

slaughtery (سلاٽري) **n** slaughter; a slaughterhouse. ڪوس گهر. ڪميلو. ڪاسائي خانو.

slaughter house (سلاٽر هائوس) **n** a place where animals are butchered for the market. ڪـهڻ جي جاءِ. ڪوس گهر. ڪميلو. ڪاسائي خانو.

Slav (سلاوَ) **n** one whose language is Slavonic, ie belongs to that division of the Indo-European tongues that includes Russian, Polish, Wendish, Czech, Slovak, Serbian, Slovenian and Bulgarian. سلاوي ٻولي. سلاوي ٻولي ڳالهائيندڙ. سلاوي نسل جو باشندو. سلاوي ٻولي جنهن ۾ ڪافي هندي يورپي ٻوليون اچي وڃن ٿيون.

slave (سليو) **n, adj, vi & vt.** a bondman; drudge; a person kept as property and made to work as a servant; one who is submissive under domination; one who is submissively devoted to another; one whose will has lost power of resistance, esp to an influence, drug; one who works extremely hard, as if in bondage, a drudge; a mechanism controlled by another mechanism, eg in computing, by the central processor, or by remote control; a master-slave manipulator; to work like or as a slave; to drudge; to enslave; to treat as a slave. ٻانهون. نوڪر. تابعدار. غلام. مطيع. ٻندو. گولو. خادم. چيلو. حڪم مڃيندڙ. هر حـڪم جي تعـميل ڪندڙ. ڍڳي وانگر وهندڙ. نوڪر جهـڙو. هڪ مـشين کي ٻيءَ مشين رستي هلائڻ. غلام وانگر ڪم ڪرڻ يا ڳهڻ. غلام ڪري سـمجهڻ. غلام بنائڻ. ڏکـيا ۽ مـشـڪل ڪـم وٺڻ. ڳهائڻ. هجائڻ.

slave ant (سليو انٽ) **n** an ant captured and kept as a worker in a community of another species. پڪڙيل ڪول يا ماڪوڙي جنهن کان ٻيون ماڪوڙيون (پڪڙڻ جو) ڪم وٺن.

slaver[1] (سليور) **n, vi & vt.** spittle running from the mouth, esp in anticipation of food; to let spittle run out of the mouth; to drivel; to fawn over a person, esp with lust; to beslobber. ڳـگ ڳاڙڻ يـا ڳڙڻ. چاپلوسي ڪرڻ. خوشامندڙيو. خوشامدي. خوشامد ڪرڻ.

slaver[2] (سليور) **n** a slave-trader; a person engaged in slave-trade; a ship employed in the slave trade. غلامن جو واپاري. ٻانهن کي ڪڍڻ لاءِ جهاز. ٻانهن جو واپاري. غلامن جو ڪاروبار ڪندڙ ماڻهو.

slavery (سليوري) **n** state of being a slave or enslaved; the institution of ownership of slaves; drudgery; servitude. ٻانهپ. غلامي. سخت پورهيو. ٻانها رکڻ. گولپڻو. غلام رکڻ. ٻڌگيري.

slavey (سليوي) **n** a domestic drudge; a maid of all work. گهرو ڪم يا پورهيو ڪندڙ. نوڪرياڻي. ٻانهي.

slavish (سليوش) **adj.** pertaining to slaves; befitting a slave; servile; mean; abject; servilely following or conforming (eg to fashion); oppressively laborious. نوڪرانو. ٻانهپ يا غلاميءَ جو. ڪميڻو. ذليو. غلامـانو. ٻاجي. حقير. ذليل. محنتي. سخت محنت طلب. هجائيندڙ.

slavocracy (سليوڪريسي) **n** slave-owners collectively; their power, interests etc. غلامن جا مالڪ. مالڪن جو اختيار.

ء فائدو، مالڪن جو فائدو.

Slavophil or **Slavophile** (سليوو فل) **adj.** favourable or friendly to Slavs. سلاو قومن جو ڪهڙ ڪهرو.

Slavophobe (سليووفوب) **adj.** hostile to Slavs. سلاو قومن جو مخالف، دوشي.

slaw (سلا) **n** cabbage salad. گوبيء جو سلاد.

slay (سلي) **vt & vi.** to kill by violence; to amuse very much; to impress greatly. لسڻ، ڪهڻ، اثر ڪرڻ، سارڻ، حلال ڪرڻ، ذبح ڪرڻ، قتل ڪرڻ، کهات ڪرڻ، خوش ڪرڻ، گهڻو کلائڻ، تمام گهڻو اثر وجهڻ.

sleave (سليو) **n & vt.** a fine filament that can be separated from a silk fibre; to separate (eg threads). ڏار ڪرڻ، ريشم جي تند، ڪچو ريشم، حاصل ڪرڻ، سٽ سلجهائڻ، ريشم جي ڏيري، ڪچوسٽ، سٽ جو چڳو.

sleaze (سليز) **n** sleaziness; a sleazy person, esp a man. بي بنياد ماڻهو، ڏبرو، ڪمزور، ضعيف، هجيل، ڪتل، نحيف.

sleaze ball (سليز بال) **n** a sleazy person, esp an unprincipled man who tries to take advantage of women. بي اصولو ماڻهو، عورتن جي ضرورتن جو ناجائز فائدو وٺندڙ.

sleazy (سليزي) **adj.** thin; flimsy; slatternly; squalid, esp in sexual ways. پتلو، سوڪير، باريڪ، مهين، سنهو، ڪاغذي، هلڪو، بي بنياد، ڏبرو، گندو، ڪتل، هجيل، ڪمزور، فحش، جنسي عمل جو شوقين.

sled (سليڊ) **n & vt.** a sledge, esp a small one; a drag or wheelless structure for conveying goods, esp on snow, formerly for taking the condemned to execution; to convey by sled; to go on a sled. بنا ڦيٿن جي گاڏي جيڪا برف تي ترڪندي يا گهلبي آهي، برف گاڏي.

sledge[1] (سليج) **n, vt & vi.** a conveyance with runners for sliding on snow or ice; a framework without wheels for dragging goods along; an iron- or flint-studded board for threshing corn; to convey, or travel, by sledge. بنا ڦيٿن گاڏي، برف گاڏي، وڏان، ونوهڙ، مهري، متر‌ڪو، سليج رستي سفر ڪرڻ يا موڪلڻ.

sledge[2] (سليج) **n** a sledgehammer. وڏان، هتوڙو، متر‌ڪو.

sledge-chair (سليج چيئر) **n** a chair mounted on runners for ice. برف تي هلڻ، ڏڪڻ يا گهلڻ لاء ڦيٿن واري ڪرسي.

sledge hammer (سليج هئمر) **n** a large heavy hammer wielded in both hands and used by ironsmiths. مهري، وڏان ونوهڙ، هتوڙو، متر‌ڪو.

sleech (سليچ) **n** slimy mud; a mudflat. ترڪڻ، گپ، گپ چڪ وارو ميدان يا زمين.

sleek (سليڪ) **adj, vt, vi & adv.** smooth and glossy; pleasingly smooth; having an oily, plastered-down look; insinuating, slick in manner; suggestive of material wealth; prosperous in appearance; to make smooth or glossy; to calm or soothe; to glide; smoothly, oilily. لسو يا لسو، سٽيو، صاف، چمڪندڙ، چمڪيلو، چمڪائو ڪرڻ، ترڪڻ، چڪنو، چمڪيلو، خاموش ڪرائڻ، ماٺ ڪرائڻ، چپ ڪرائڻ، ترڪي لهڻ، سٽيو ڪرڻ، آرام سان کسڪڻ.

sleeken (سليڪن) **vt.** to make sleek. چمڪدار، لسو ڪرڻ، ڪسڪڻ جهڙو بنائڻ.

sleeker (سليڪر) **n** a moulding tool for smoothing over small irregularities in the mould. لسو يا سڌو ڪندڙ اوزار.

sleek stone (سليڪ اسٽون) **n** a polishing stone. سٽيو ڪندڙ پٿر، چمڪائڻ وارو پٿر، صاف پٿر، هموار پٿر، هموار ڪندڙ پٿر، روهي.

sleeky (سليڪي) **adj.** smooth; of a sleek appearance; sly, untrusted-worthy. لسو، انڪلي، چالاڪ، ٺڳ، غير اعتباري.

sleep (سليپ) **vi, vt & n.** to take rest by surrendering consciousness or by suspension of voluntary exercise of the powers of body and mind; to slumber; to be motionless, inactive, or dormant; to appear still or restful; to take or have the nocturnal position, to display nyctitropism; to be dead; to rest in the grave; (of a limb) to go or be numb from pressure; (of a top) to spin steadily without movement of the axis; to spend time in sleep; to enjoy a period of (sleep, as cognate object); to out sleep; to provide, contain sleeping accommodation for; the state of being asleep; a period of sleeping; dormancy; vertical disposition of leaves at night, mucous matter which collects at the corners of the eyes. ننڊ ڪرڻ، آرام ڪرڻ، سمهي پوڻ، خوابن جا مزا وٺڻ، خمار پوڻ، سمهڻ، غافل ٿيڻ، خاموش رهڻ، چپ ٿيڻ، سڪون سان سمهي آرام ڪرڻ، عام دنياوي ڪم ڇڏي ڏيڻ، ٽڪ پيڻ، ، مرڻ، بي فڪر رهڻ، قبر ۾ سمهڻ، سنتو رهڻ، اک لڳڻ، رهڻ، سمهڻ، ننڊ اچڻ، (لاء) جاء ڏيڻ، بيڪار پيو رهڻ، سوپوڪرڻ، ننڊ ۾ هئڻ، عضوي جو ننڊ پوڻ، مرڪز تي تيز ڦرڻ، وقت ننڊ ۾ وڃائڻ، آرام ڪرڻ، سمهڻ لاء جاء مهيا ڪرڻ، سمهڻ جي جاء، ننڊ ۾ ستل، رات وقت پنن جي بيهڪ، اک جي چيپ.

sleeper (سليپر) **n.** one that sleeps; a horizontal timber supporting and spreading a weight, esp a support for railway rails; a sleeping-car; a compartment or berth in a sleeping-car; a sleeping tablet; a Com-

munist (or other) agent who spends a long time establishing himself or herself as an inoffensive citizen; someone or something not recognized for what it is; a record, film, which becomes popular after an initial period of not being so, or an item whose true value is not recognized and which is sold too cheaply as a result. ليندي، ريل جي پٽڙيءَ جو تختو، لوهه جي پٽي، لوهه جي سيخ، ريل ۾ سمهڻ جو دٻو، سست ماڻهو، سست، ستل، ننڊ ڪندڙ، سمهڻ واري جاءِ (سواريءَ ۾)، ڪميونسٽ ايجنٽ يا جاسوس جيڪو اثر رسوخ حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻو وقت وٺي، اصل شيءِ، رڪارڊ، فلم، مشهور فلم، مشهور گانو، اهڙي شيءِ جيڪا خسيس سمجهي سستي ڪري وڪرو ڪئي وڃي.

sleeping (سليپنگ) **n, adj.** reposing in sleep; abeyance; in a state of, occupied with, or for, sleeping; dormant. ننڊ، غافل، ننڊ ڪندڙ، ستل، روڪيل، مهمل ڪيل، سمهڻ واري جاءِ (ٽي ستل)، آرامي.

sleeping bag (سليپنگ بئگ) **n** a quilted bag for sleeping in, used by travellers, campers, etc. مسافريءَ دوران سمهڻ لاءِ هنڌ يا بسترو.

sleeping car, carriage, or coach (سليپنگ ڪار ڪئريج يا ڪوچ) **n** a railway carriage with berths for sleeping in. (ريل جو) سمهڻ لاءِ دٻو يا گاڏو.

sleeping draught (سليپنگ ڊرات) **n** a drink containing a drug to induce sleep. ننڊ ڏيندڙ شربت يا مادو، ننڊ جي دوا، خواب آور دوا.

sleeping partner (سليپنگ پارٽنر) **n** a person who has money invested in a business but takes no part in its management. پائيوار، بي عمل پائيوار، غير عامل حصيدار، غير گڏار، موڙي پائيوار.

sleeping pill (سليپنگ پل) **n** one containing a sleep-inducing drug. ننڊ آور دوا، خواب آور گوري.

sleeping policeman (سليپنگ پوليس مئن) **n** a low transverse hump built into the surface of a road, intended to slow down traffic. سڙڪ يا دڳ ۾ ڏيڊو دڙو يا بريڪر.

sleeping sickness (سليپنگ سڪنيس) **n** a deadly disease of tropical Africa, characterized by headache, great drowsiness, and exhaustion, caused by a trypanosome introduced by the bite of the tsetse-fly; sometimes erroneously applied to sleepy-sickness. آفريڪا جي موتمار بيماريءَ جو نالو، ننڊ جو مرض، ننڊ موت جي بيماري.

sleepless (سليپ ليس) **adj.** without sleep; wakeful; having no rest; perpetually agitated. اوجاڳيل، بي آرام،

بي ننڊو، سک ڦٽل، ننڊ اکڙيل، بي فرحت، بي آرامي، بنا ڪنهن فرحت يا آرام جي، لاڳيتو يا مسلسل هلندڙ، لاڳيتو چاچول ۾.

sleep out (سليپ آئوٽ) **n** a partitioned-off section of a veranda for use as a sleeping area. سمهڻ لاءِ جاءِ، ويري ڏني سمهڻ لاءِ جدا ڪيل جاءِ.

sleep walker (سليپ واڪر) **n** a person who walks in his or her sleep, a somnambulist. ننڊ ۾ گهمڻ جو مريض يا ننڊ ۾ گهمندڙ.

sleepy (سليپي) **adj.** inclined to sleep, drowsy; lazy; sluggish; inducing or suggesting sleep; partially decayed internally, esp of a pear, soft and lacking juice. ننڊاکڙو، ڍرو، سست، ننڊ ۾، خماري، ننڊاکتو، ڳهريو، ڍلو، ستل (شهر)، (ميوو) ڳريل، بنا رس.

sleepy-head (سليپي هيڊ) **n** a lazy or sleepy-looking person. ننڊاکڙو، سست، خماريل.

sleepy hollow (سليپي هالو) **n** a very quiet place. سڪون واري جاءِ، خاموش جڳهه.

sleepy-sickness (سليپي سڪنيس) **n** encephalitis leghargica, a feature of which is great drowsiness. ننڊ وارو نمونو، ننڊاکڙائيءَ واري حالت.

sleet (سليٽ) **n & vt.** rain mingled with snow or hail; a coating of snow or ice formed when rain or sleet freezes on a cold surface; to hail or snow simultaneously with rain. ڳڙو وسڻ، برف جو مينهن، مينهن ۾ ڳڙا وسڻ، برسات سان گڏ ڳڙن جو يا برف جو پوڻ، برف باران، ڳڙن جو مينهن، برف سان گڏ بارش وسڻ.

sleeve (سليو) **n & vt.** that part of a garment covering or partially covering the arm; a tube into which a rod or other tube is inserted; a tube, esp of a different metal, fitted inside a metal cylinder or tube, as protection or to decrease the diameter; a thin cardboard container for a gramophone record; a wind-sock; a drogue; to provide with sleeves. ڪوٽ جي ٻانهن، آستين، ڪف، نڙو يا نلڪيءَ جي مٿان واري نلڪي، قميص جي ٻانهن، ٽيوب يا نلي جنهن ۾ سيخ داخل ڪجي، ماپ گهٽائڻ جو هڪ طريقو، فوني جي رڪارڊ رکڻ جو پاڻي جو ڍڪ يا لفافو، هوا جهلڻ واري ڪپڙي جو جهندو.

sleeved (سليوڊ) **adj.** having sleeves; (in combination) having sleeves of a stated type. ٻانهن وارو، مقرر يا ڏسيل ٻانهن وارو.

sleeveen (سليوين) **n** a crafty, smooth-talking person. الڪلي، حرفتي، چالاڪ، سيالو، تکو، تيز ترار ماڻهو.

sleeveless (سليوليس) **adj.** having no sleeves; futile, vain. بنا ٻانهن، ڪف ڪانسواءِ، اجايو، بي فائدو، ڪنهن ڪم جو

لي.

sleeve fish (سليو فش) n the squid. ڏهن پيرن واري مڇي، ماهيا مڇي.

sleeve hand (سليو هئنڊ) n a wristband. ٻانهن يا ڪرائيءَ جو پٽو، چوڙو، ٻانهوٽو.

sleeve nut (سليو نٽ) n a double nut for attaching the joint-ends of rods or tubes. جوڙ کي ڳنڍڻ لاءِ نٽ (بلٽ).

sleever (سليور) n an old, measure for beer, containing about three quarters of a pint; a straight-sided beer glass. شراب ماپ، شراب جو پيالو، شراب جو ڊيڊ گلاس، بيئر جو وڏو گلاس.

sleeving (سليونگ) n tubular flexible insulation for threading over bare conductor wires. پسرائيندڙ تار کي مٿان چڙهيل مادو، بجليءَ جي تارن مٿان چڙهيل مادو.

sleigh (سلاءِ) n & vt. a sledge; to travel by sleigh. برف گاڏي، برف گاڏيءَ تي مسافري ڪرڻ.

sleigh bell (سلاءِ بيل) n a small bell attached to a sleigh or its harness. برف تي هلڻ واريءَ گاڏيءَ کي ٻڌل گهنگهرو يا چڙو يا چڙي.

sleight (سلائيٽ) n. cunning; dexterity; an artful trick; a sily artifice; a juggling trick; trickery; dexterity; a design, device, pattern. ڪرتب، چالاڪي، هٿ جي صفائي، ڪيڏ بازي، هٿ ڻات، چلتو، چلت، ڪيڏ، ڦيرائي، چشم بندي، نظر بندي، حرفت، اٽڪل جو کيل.

slender (سليڊر) adj. thin or narrow; slim; slight; feeble; meagre; scanty. سنهو، سوڙهو، نازڪ، ڏٻرو، هلڪو، هڪ تهو، ٿورو پتلو، باريڪ، چينجهڙو، ضعيف، ڪم قوت، ڪمزور، لورو، نلي دار، لڙو.

slenderize (-ise) (سليڊرائيز) vt & vi. to make or become slender. سنهو ڪرڻ يا ٿيڻ، ڪمزور ڪرڻ، هلڪو ڪرڻ يا ٿيڻ.

sleuth (سليوٿ) n, vt & vi. a relentless tracker, a detective; a bloodhound, a sleuth-hound; a track or trail; to track. جاسوس، پيرو، پتو لڳائيندڙ، پير کڻندڙ.

sleuth-hound (سليوٿ هائونڊ) n a bloodhound or other dog trained to track people; a detective. جاسوس، جاسوس ڪتو، شڪاري ڪتو، پيرن رستي يا بوءِ رستي ڳوليندڙ.

slew[1] or **slue** (سليو) vt, vi & n. to slue or turn about the axis; to swing round, esp suddenly and uncontrollably; a turn, twist or swing round; a position so taken. ڦيرو ڏيڻ، چڪر ڏيڻ، ڦيرائڻ، گهمائڻ، ڦيري ڏيڻ، وڪڙ ڏيڻ، ڦيرو ڏئي ڏنل ٻيهڪ.

slew[2] or **slue** (سليو) n a large number or amount. گهڻو تعداد، وڏي رقم، گهڻي رقم.

slewed or **slued** (سليوڊ) adj. tipsy. مدهوش، مست، متوالو، خماريل، نشي ۾، مَوَ ۾.

slew rate (سليو ريٽ) n the rate at which an amplifier can respond to a change in input level. ايمپليفائرجو قوت ڏيڻ سان آواز وڌائڻ جو مقدار.

sley (سلي) n a weaver's reed. ڪوريءَ جي ڪَني.

slice (سلائيس) n, vt & vi. a thin broad piece or segment cut off; a flat or broad-bladed instrument of various kinds, esp a broad knife for serving fish; a slash, swipe; a sliced stroke; a share; a representative section; to cut into slices; to cut a slice from; to cut as a slice; (in golf) to strike or play so as to send the ball curving to the right (left for left-handed player); to slash; to cut in the manner of slicing; (of a boat) to move through the water in a smooth, cutting manner; to slice a stroke. قاش، قار، ٽڪر، ٽڪرو، ڳترو، ڳپو، ڀيرو، تِڪو، قاشون ڪرڻ، ٽڪرا ڪرڻ، (گولف جي) چڙي اهڙيءَ طرح هلائڻ جيئن ڪنهن شيءِ کي چيرجي يا ڪپجي، هوا کي چيري اڏامڻ، چيرڻ، چيري ٻيرا يا ڪترا ڪرڻ، پاڻيءَ ۾ فرحتي نمولي اڳتي وڌڻ، چيريندو وڃڻ.

slick (سلڪ) adj, adv, n, & vt. sleek; smooth; smooth-tongued, glib; adroit; trim, smart; smoothly; glibly; deftly; quickly; altogether; a smooth place or surface; a slicker; a film or expanse of spilt oil; a smooth racing-car tyre; a glossy magazine; to polish, make glossy; to tidy up; to smooth. سڻڀو، نرم، چمڪندڙ، صاف، تکڙجو، صفائيءَ سان، سڌو، ٺيڪ، رڳو، بالڪل پورو، چمڪائڻ، سنو، صاف ڪرڻ، محض، هنرائتو، خاصو، بلڪل، اصل، ٺيڪ، سڌو، ٺڙ.

slickenside (سلڪن سائيڊ) n a smooth, polished or striated rock surface produced by friction. جبل يا پهاڙ جو گاٺ ڪري ٿيل صاف يا لسو حصو.

slicker (سلڪر) n a smoothing tool; a waterproof, esp oilskin; a swindler, shifty person; a sophisticated city-dweller. سڌو ڪندڙ اوزار، پاڻي روڪ لباس، تيل لڳل ڪل، ٺڳ، ترڪڻو ماڻهو، سيالو يا چالاڪ شهري ماڻهو، ترپناڪ، هٺات.

slidder (سلائيڊر) vi & n. to slip, slide; a steep path or trench down a hillside. کسڪڻ، گهرڪڻ، ترڪڻ، کسڪڻ، لهڻ، کسڪي لهڻ.

sliddery (سلائيڊري) adj. slippery. ترڪڻ، ترڪڻو، ترڪڻي، ڦسڪڻو، ڦرلو گهرلو، کسڪڻو، کسڪڻو، غير پائيدار، غير مستقل.

slide (سلائيڊ) vi, vt & n. to slip or glide; to pass along, over, down, smoothly over a surface; to glide or slip in a standing position over ice or oth-

er slippery surface; to lapse, fall out of use; to pass quietly, smoothly, or gradually; to take its own course; to decamp; to cause to slip or glide along; a slip; a polished slippery track (on ice); a chute or shoot; a slippery sloping surface, in a park, for children to slide down; a bed, groove, rail, on or in which a thing slides; a sliding part; a sliding clasp, esp for women's hair; a flat piece of glass for mounting objects for the microscope; a case for photographic plates or its sliding cover; a translucent photograph for projection on a screen, a transparency; a sliding lid; a sledge; a runner; a sliding seat, esp in a rowing boat; a landslip..ترڪڻ، سرڪڻ، سرڪائڻ، ڪسڪڻ، گهرڪڻ، ٿڙڻ، ترڪڻي، ڪسڙڻ، ڪنهن شئي ذي آهستي آهستي وڃڻ، ڪهڪو، ڪسڪو، ترڪڻو رستو، رستو جو ترڪڻ سان لهي، لاهي، ترڪڻو تختو، خوردبين جو شيشو، فلمي تصوير، تپاس پٽي، شفاف پٽي، شيشائين پٽري پٽري، شيشي جي قتيل، عورت جو بڪل، مٿي لاء ڪلپ، ڪسڪي لهڻ وارو اوزار، پردي تي نظر ايندڙ شفاف تصوير، تصويري شفاف ڪاغذ، برف تي هلڻ واري گاڏي، ڊوڙندڙ، موٽر گاڏيءَ جي اڪثي پوئتي ٿيندڙ وهڻ جي جاء، ٻيڙيءَ ۾ ويهڻ واري جاء، زمين جو سرڪيل حصو.

slide guitar (سلائيڊ گٽار) **n** a method of playing the guitar using a metal tube which is drawn across the frets. ستار وڄائڻ جو طريقو.

slider (سلائيڊر) **n.** one who slides; part of an instrument that slides. ڪسڪندڙ، ڪسڪندڙ، ڪسندڙ، ڪسڪڻو، قسڪڻو، ڪنهن مشين جو چرندڙ يا ڪسندڙ پرزو.

slide rest (سلائيڊ ريسٽ) **n** an apparatus for carrying the cutting-tool of a lathe. جنديءَ جو سامان ڪٽڻ جو اوزار.

slide rule (سلائيڊ رول) **n** a mechanical calculating device consisting of two log-arithmic graduated scales sliding one against the other.ماپ پٽي، ماپ واري ڦٽي، پٽري پيمانو.

slide trombone (سلائيڊ ٽرمبون) **n** a trombone. شرناء.

slide valve (سلائيڊ والو) **n** a valve in which openings are covered and uncovered by a sliding part.کولڻ يا بند ڪرڻ وارو نل يا وال جنهن رستي ٻيهڪ يا دروازو هٽائي يا اڳيان آڻي بند ڪجي.

sliding (سلائيڊنگ) **adj, n.** made so as to slide freely; fitted for sliding; the act of one who slides; lapse; backsliding. ڪسڪندڙ، اهڙو پرزو يا حصو جيڪو ڪسڪڻي طور ناهيو يا لڳايو ويو هجي، ڪسڻ، رڪڙڻ، ڪسڪڻ، ڪسڪڻ جو عمل، ڪسڪ، سرڪڻ، پاڻ نه جهلي سگهڻ، بگڙڻ، سهو، ڪوتاهي، پوئتي ڪسڪي اچڻ، پوئتي ڪسڪڻ، هيٺاهين طرف ڪسڪڻ يا ترڪڻ.

sliding keel (سلائيڊنگ ڪيل) **n** a centreboard.مرڪزي تختو، مرڪزي بند.

sliding scale (سلائيڊنگ اسڪيل) **n** a scale, eg of taxes, varying according to variation in something else, eg prices; a slide rule..کهٽجڻ يا وڌڻ جي شرح، ڪسڻ پيمانو، گاٽ قاعدو.

sliding seat (سلائيڊنگ سيٽ) **n** a racing-boat seat, moving with the swing of the rower's body.اڳتي پوئتي ٿيڻ واري (ٻيڙيءَ جي) ويهڻ واري جاء يا سيٽ.

smoke (سموڪ) **n, vi, vt.** the gases, vapours, and fine particles that are emitted by burning material; solid particles suspended in a gas; fumes; vapour; fog; a cloud or column of fumes; something which may be smoked; tobacco, a cigarette, or a cigar; an instance of spell of smoking; tear gas; idle talk; nothingness; to exhale or emit smoke, vapour, dust; to reek; to send smoke; to move like a smoke; to dash along in a cloud of smoke, vapour, spray, or dust; to suffer, to smart; to dry, scent, preserve, fumigate, suffocate, blacken, taint, drive or render by smoke; to quiz, ridicule; to thrash. دونهـون، دود، دونهـون اٿڻ، دود ڏکڻ، وزر، ڪچ، اجائي ڳالهه ٻولهه، ڪچهري، خال، ڪجهه به، ڪي به نه، لڙات، ڦوڪ يا وزر پرڻ، ڪاري هوا، حقو، سگريٽ ٻيڙي، واسڻ، ڏوڀڻ، تماڪ ڇڪڻ، ٻاف ولڻ، ڀوڳ ڪرڻ، چلم ڦوڪ، دونهـون ڏيڻ، ڏنڊورڻ، واس ڏوپ ڪرڻ، دونهين سبب دم گهٽجڻ، چرچو ڪرڻ، دونهـاٽڻ، تاڙي وجڻ، ڏنڊ، ٻاف، ٻاف ڪڍڻ، ڌوڙ، لڙاٽيل، دونهين وانگر هلڻ، ڪڪر يا ڏنڊ وانگر نظر اچڻ، ڳوڙها آڻيندڙ گئس (جو دونهـون)، خشڪ ڪرڻ، دونهين پرجڻ، دونهـون ڏئي سـڪـائڻ، دونهين جي خوشـبـو ڏيڻ، دوا جو ڦوهارو ڪرڻ، پوسـائڻ، ڪارو ڪرڻ، داغي ڪرڻ، دونهين سـان (جيت ـ مڇر) ڀڄائڻ، منجهـائڻ، ٻيهزتو ڪرڻ، مار موچڙو ڪرڻ، ڪٽڻ.

smoke abatement (سموڪ ابيٽمينٽ) **n** (measures directed to) reducing the amount of smoke in the atmosphere of towns. آبهوا مان دونهون گهٽائڻ، شهرن ۾ آب هوا کي صاف رکڻ جو انتظام.

smoke alarm (سموڪ الارم) **n** a device that detects smoke from a fire in a room, building and sounds a warning bell or buzzer. دونهين جواطلاع ڏيندڙ اوزار (جيڪو دونهين وڌڻ جي صورت ۾ وڄڻ لڳندو آهي).

smoke-ball (سموڪ بال) **n** a shell emitting smoke as a screen or to drive out an enemy; a puffball. دونهين جو گولو(جنهن کي ڇوڙي دشمن کي ڀڄائي سگهجي)، ڏنڊ پيدا ڪندڙ بال.

smoke-board (سموڪ بورڊ) **n** a board suspended before the upper part of a fireplace to prevent the smoke coming out into the room. بخاريءِ مٿان ڪاٺ جو تختو (جيڪو دونهين کي ڪمري ۾ اچڻ نه ڏئي).

smoke-bomb (سموڪ بام) **n** a bomb that emits smoke on bursting. دونهين جو بم.

smoke-box (سموڪ باڪس) **n** part of a steam boiler where the smoke is collected before passing out at the chimney. دونهين دان، دونهين خانو.

smoke bush or **smoke tree** (سموڪ بش آر ٽري) **n** a sumach with light feathery or cloudlike panicles. ٻوٽي جو قسم.

smoke-consumer (سموڪ ڪنزيومر) **n** an apparatus for burning all the smoke from a fire. اهڙو اوزار جيڪو باهه مان اُٿندڙ دونهون ختم ڪري.

smoked glass (سموڪڊ گلاس) **n** glass darkened by exposure to smoke. دونهاٽيل شيشو، ڏنڊلو شيشو، ڪاراٽيل شيشو.

smoke-dry (سموڪ ڊراءِ) **vt.** to cure or dry by means of smoke. دونهين سان سڪائڻ.

smoke-free (سموڪ فري) free from smoke; where smoking is not permitted. دونهين کان آجو، اهڙي جڳهه جتي سگريٽ يا ٻيڙي ڇڪڻ منع هجي.

smoke helmet (سموڪ هيلميٽ) **n** a head-covering for fire-fighters or others who work in dense smoke. دونهين ٽوپ، باهه وسائيندڙن جو خود.

smoke ho (سموڪ هو) **n** a break for a smoke during the working day, a rest, a tea-break. ٻيڙي ڇڪڻ يا چانهه لاءِ وقفو، فرجو، وٿي.

smoke hole (سموڪ هول) **n** a fumarole; a hole allowing smoke to escape. دونهين ٻاهر ڪڍڻ لاءِ لنگڙو، چمني، ٻخارو.

smoke hood (سموڪ هڊ) **n** a protective hood that prevents the wearer from inhaling smoke and poisonous fumes, from a fire on a plane. دونهين ڍڪ، جهاز ۾ دونهين کي اندر وڃڻ کان روڪڻ وارو ٽوپ.

smoke house (سموڪ هائوس) **n** building where meat or fish is cured by smoking, or where smoked meats are stored. دونهين گهر، جاءِ جتي دونهين سان گوشت يا مڇي خشڪ ڪئي وڃي يا سڪايل گوشت ۽ مڇي رکي وڃي.

smoke-jack (سموڪ جيڪ) **n** a contrivance for turning a spit by means of an ascending current of air; a muddled brain. باهه پڙڪائڻ لاءِ اوزار (جيڪو هوا ڏئي باهه کي مچائي)، موڳو، منجهيل.

smokeless (سموڪ ليس) **adj.** having or producing little or no smoke. بنا دونهين، دونهون نه ڏيندڙ.

smokeless fuel (سموڪ ليس فيوئل) **n** a fuel that is permitted in a smoke controlled area. بنا دونهين ٻارڻ.

smokeless zone (سموڪ ليس زون) **n** a smoke control area; a district in which it is illegal to create

smoke and where only smokeless fuel may be used.بنا دونهين جاء،ملاڪوجتي دونهون ڪرڻ جي منع هجي. جاءِ جتي دونهون ڪيندڙ گاڏي هلائڻ ڪان منع ڪيل هجي.

smoke plant (سموڪ پلانٽ) **n** any ornamental shrub of the genus Coptinus, with a feathery smokelike inflorescence..تماڪ جو ٻوٽو. دونهين دار پن واري ٻوٽي جو قسم.

smoke proof (سموڪ پروف) **adj.** impervious to smoke. دونهين روڪ. دونهين بچاءُ. دونهين جو اثر نہ وٺندڙ.

smoker (سموڪر) **n** apparatus for emitting a smoke; a person who smokes tobacco; a smoking carriage or compartment; a person who smoke-dries meat, or an apparatus for doing this; a smoking concert.دونهو ڪيندڙ اوزار. تماڪ چڪيندڙ. تماڪ جو موالي يا هيراڪ. بيڙي پياڪ. تماڪ نوش. تماڪ چڪيندڙن لاءِ الڳ گاڏو يا ڪمرو.

smoke ring (سموڪ رنگ) **n** a smoke from a cigarette, exhaled in the shape of a ring. دونهين جو گول چلو.

smoke-room (سموڪ روم) **n** a smoking room; a railway carriage, compartment or room, set apart for smokers.تماڪ پيئڻ جو ڪمرو. گاڏو. تماڪ چڪيندڙن لاءِ مخصوص حصو يا گاڏو.

smoke-sail (سموڪ سيل) **n** a small sail hoisted to drive off the smoke from the galley.بيڙيءِ يا جهاز مان دونهين کي پاسي ڪرڻ وارو بادبان يا سڙهہ.

smoke screen (سموڪ اسڪرين) **n** a cloud of smoke raised to conceal movements; a device or ruse for disguising one's activities..دونهين پردو. دونهين غلاف. اهڙو بندوبست جنهن رستي ڪو عمل نظرن کان لڪائي ڪري سگهجي.

smoke signal (سموڪ سگنل) **n** a signal or message conveyed by means of patterns of smoke.دونهين اشارو.

smokestack (سموڪ اسٽيڪ) **n** the funnel of a ship or railway engine; a tall industrial chimney..بخارو. قيف. دونهين ڪش انجڻ.

smoke test (سموڪ ٽيسٽ) **n** a method of testing for leaks in drain pipes or chimneys by introducing dense smoke, often by using a smoke-bomb. دونهين ذريعي نالين جي جاچ ڪرڻ.

smoketight (سموڪ ٽائيٽ) **adj.** impervious to smoke. دونهين روڪ. دونهين بند.

smoke tunnel (سموڪ ٽنل) **n** a wind tunnel into which smoke is put at certain points in order to make wind effects visible.دونهين چر. هوا جي پرک لاءِ دونهون (سوراخن مان) ٻاهر ڪڍڻ تہ هوا جي طرف جي خبر پوي.

smoking gun (سموڪنگ گن) **n** a piece of incontrovertible incriminating evidence.پڪي شاهدي. ناقابل ترديد ثبوت.

smoking room (سموڪنگ روم) **n** a room in a hotel or house, kept for smoking in.تماڪ چڪڻ لاءِ ڪمرو. موالين لاءِ الڳ جاءِ.

smoko (سموڪو) **n** a stoppage of work for a rest and a smoke; a tea break. تماڪ چڪڻ لاءِ ساهي. چانهن جو وقفو.

smoky (سموڪي) **adj & n.** emitting smoke; like smoke; coloured like or by smoke; filled, or liable to be filled, with smoke; tarnished or made unattractive or offensive by smoke; suspicious; a smoked haddock; having the taste or flavour of smoked food..دونهون ڪيندڙ. دونهين جهڙو. دود آلود. دونهاٽيل. دونهارو. دونهيرو. دونهين دار. ڪارو. ڌنڌلو. ڌونهين جي بوءِ يا سواد وارو.

smoky quartz (سموڪي ڪئارٽز) **n** Cairngorm stone. دونهين دار شيشو. ڌنڌلو بلوري مادو يا پٿر.

smolt (سمولٽ) **n** a young river salmon when it is bluish along the upper half of the body and silvery along the sides. مٺي پاڻيءِ جي ڪچي يا غير بالغ سامن مڇي.

smooch (سموچ) **vt. & n.** to kiss or pet; a period of slow dancing close together.چمي ڏيڻ. هٿرا لائڻ. ٺٺڪي ڏيڻ. جسم جسم سان ملائي نچڻ.

smoodge (سموج) behave in a fawning or ingratiating manner; behave amorously..چاپلوسي ڪرڻ. قربان وڃڻ. گهور ٿيڻ.

smoot (سموٽ) **n** a compositor who does odd jobs in various printing houses; to work in this way.ڇاپي جا اکر ناهيندڙ يا جوڙيندڙ. معمولي ڪم ڪندڙ ڪمپازيٽر.

smooth (سموٿ) **adj, n, vt, vi & n.** having an even surface; without roughness of texture or taste; evenly spread; glossy; hairless; of even consistency; slippery; gently flowing; easy; bland; fair-spoken; charming, perhaps self-consciously so; classy or elegant; smoothly; to make smooth, not rough, lumpy; to free from obstruction, difficulty or harshness; to reduce from a diphthong to a simple vowel; to remove by smoothing; to calm or seem less serious or less important; to become smooth; to flatter, blandish or behave ingratiatingly; a smooth place..سڌو. لسو. برابر. صاف. سنئون. ترڪڻو. سڌيو. هموار. نرم. چوپٽ. لاسڙ. آسان. ملائم. سولو. چلڪايل. وڻندڙ. شائستو. سريڪو. لسو ڪرڻ. سڌو ڪرڻ. لس ٿي لس. سولو ڪرڻ. رنڊڪ لاهڻ. مانوسفر. مليون مليون (ڳالهيون). ڏڙيون ڪيڻ

نرم ڪرڻ. آرام ڏيڻ. وار ٺاهڻ. استري ڪرڻ. لسائڻ. سنوڻ. رنديءَ سان اونون ملائڻ. نرم ڪرڻ.

smooth-bore (سموٿ بور) **adj.** (of a firearm) not rifled; a gun with a smooth-bored barrel.بندوق جي لسي نالي. لسيءَ ناليءَ واري بندوق.

smooth-chinned (سموٿ چند) **adj.** beardless..بي ڏاڙهيو. لاسي لسڙ. لاسيار.

smooth-coated (سموٿ ڪوٽيڊ) **adj.** not shaggy-haired; a smooth coated Indian otter. لسن يا سڌن وارن وارو. غير گهنڊيدار وار. لسن يا سنهي ٻج وارو هندستاني لڌڙو.

smooth-dittied (سموٿ ڊٽيڊ) **adj.** set to words that smoothly fit the tune or, possibly, having a smooth ditty, or set of words.سهڻي يا شعري ٻيهڪ. جملي ۾ سهڻي ٻيهڪ ڏٺل.

smooth-faced (سموٿ فيسڊ) **n** having a smooth face or surface; pleasant-looking; beardless; unwrinkled; plausible.ڪسرو. ڪس. بي ڏاڙهيو. اڻ گهنجيل. لسو. لس منهون. سڌو. قابل قبول (ٻهانو).

smooth-hound (سموٿ هائونڊ) **n** a small shark of shallow water, of the genus Mustelus. منگرو مڇي.

smoothie (سمودي) **n** a plausible or smooth-spoken person; a person elegant or suave in manner or appearance, esp insincerely or excessively so; a thick drink of smooth consistency made with pureed fruit, milk, yoghurt or ice cream..چاپلوسي ڪندڙ. برداشت لائق. وڏ ماڻهپائيءَ وارو. مد مٺو. ٻاهريون ٺٺوڪندڙ. گهاٽو ۽ مٺو رس ۽ ملائي پيل شربت.

smoothing iron (سموٿنگ آئرن) **n** a flat iron. استري.

smoothing plane (سموٿنگ پلين) **n** a small fine plane used for finishing. ننڍو رندو. هلڪو رندو.سطح ساز رندو.

smooth muscle (سمو ٿمسل) **n** unstriated muscular tissue (eg in the walls of the intestines) whose action is slow rhythmic contraction and relaxation, independent of the will.بدن جا اهي مشڪي ريشا جيڪي پاڻمرادو ننڍا وڏا يا گهٽبا وڌندا رهندا آهن. آنڊن جا مشڪي ريشا.

smooth-paced (سموٿ پيسڊ) **adj.** having a regular easy pace. لسي يا هڪ جهڙي چال وارو. هڪ جهڙا قدم کڻندڙ.

smooth pate (سموٿ پيٽ) **n** a bald person.گنجو يا لاسي ماٺهو. لوڙو.

smooth shod (سموٿ شاڊ) **adj.** having shoes without spikes. بنا ٻاهر تي نڪتل ڪوڪن جي بوٽ.

smooth spoken or **smooth-tongued**(سموٿ اسپوڪن سموٿ ٽنگڊ) **adj.** conciliatory, plausible, flattering, or soft in speech. زبان جو مٺڙو. برداشت لائق. نهڪڻو.

smooth talk (سموٿ ٽاڪ) **n** bland specious language; address or persuade with this.مٺڙي ٻولي يا گفتو. پنهنجو ڪرڻ وارو ڳالهاءُ.

smorbrod or **smorrebrod** (سمور برو) **n** literally, bread and butter; hors d'æuvres served on slices of buttered bread.ماني ۽ مکڻ. خوشحالي. مکڻ لڳل ڊبل روٽيءَ جو ٽڪر. سٽيو کاڌو.

smore or **smoor** (سمور يا سمار) **vt & vi.** to smoother or suffocate; to put out a fire or light; smokeپوسائڻ.ساهه منجهائڻ. ٻاهه وسائڻ. روشني بند ڪرڻ. ٻتي بند ڪرڻ. دونهون. ڌنڌ.

smorgasbord (سمار گس بارڊ) **n** a Swedish-style table assortment of hors d'æuvres and many other dishes to which one helps oneself.سوئيڊش نموني جا ٽيبل تي رکيل کاڌا (جيڪي اشتها وڌائڻ لاءِ کاڌا ويندا آهن).

smorzando or **smorzato** (سمار ٽسنڊو) **adj and adv.** with a gradual fading away; growing slower and softer.آهستي، آرام سان اڀرڻ يا ختم ٿيڻ. آهستي آهستي هلڪو ٿيڻ.

smother (سمدر) **vt & n.** to stifle; to suffocate by excluding the air, esp by a thick covering; to envelop closely; to cover up thickly; to suppress; to conceal; to be suffocated or suppressed; to smoulder; smoke; thick floating dust; stifling smoke; suffocating dust; a smouldering fire or condition; a welter; suffocation..گهٽي يا پوساڻي مارڻ. دٻي ڇڏڻ. گهٽڻ. پوسائڻ. دٻائڻ. ظاهر ڪرڻ نه ڏيڻ. ساهه روڪڻ. دم روڪڻ. ڌوڙ يا گرد وغبار. دزيءَ جو دونهاٽ. دکندڙ باهه. دونهين.

smotherfly (سمدر فلاءِ) **n** an aphis.رس.مهلو. مهلو جيت. چوسيندڙ جيت.

smothery (سمودري) **adj.** tending to smother; stifling; full of smother or dust. گهٽيندڙ. پوسائيندڙ. ساهه گهٽ. ساهه پوسات. ڌوڙ يا لڙ پريل ماحول.

smouch[1] (سمائوچ) **n & vt.** a smack, a hearty kiss; to kiss. چمي ڏيڻ. دل واري چمي. چڪڪو.

smouch[2] or **smouse** (سمائوچ) **n & vi.** a pedlar; to trade as a pedlar.گهور ڪندڙ. گهوراڙو. گهور وارو. گهور ڪري شيون وڪڻڻ وارو ڌنڌو ڪرڻ.

smouch[3] (سمائوچ) **vt & vi.** to filch; to cheat.دوکو يا ٺڳي ڪرڻ.

smoulder (سمولڊر) **vt, vi & n.** to smother; to burn and smoke slowly and without flame; to linger on in a suppressed or hidden state; smother; smouldering

fire.دکڻ، ذکندڙ، پوسائڻ، پکڻ، دبيل يا پوسائيل، اندر ئي اندر دکڻ، ڪامڻ، اندر جلڻ، بغير شعلي ٻرڻ، سوزش، اهڙيءَ طرح ٻرڻ جو شعلو ٻاهر نه نڪري.

smout or smowt (سمائوٽ) n a small person or child. ننڍڙو ماڻهو يا ٻار، ننڍي قد وارو، ٻندرو.

smudge[1] (سمج) n, vt. a stain; a smear; a blur; a rubbed blot; to stain; to smear; to blur; to soil; to daub. ملڻ، مکڻ، دٻا ڏٻا ڪرڻ، داغ، چٽو، ڄاٽ ڊوٽ جو نشان، ڌلڌلو ڪرڻ، لينگهيا ڪڍڻ، ميرو ڪرڻ، لوڙڻ، لينگهو لائڻ، تڪولائڻ، نالو بدنام ڪرڻ، مس سان دٻا دٻا ڪرڻ، مٽيءَ جو داغ، دٻو، لينگهو، لڪو، ميرو نشان

smudge[2] (سمج) n & vt. choking smoke; fuel for obtaining smoke; to fumigate with smoke.دونهين. دونهون، دونهين جو ڪڪر، دونهون ڪندڙ ٻارڻ، دوا جو واس ڏيڻ، ڦوهارو ڪرڻ.

smudge box, pot (سمج باڪس) n a container for or of materials which produce smoke to protect people, plants, against insects etc..دونهين دان، دونهين، چلهس، الڳيٺي، سگري، منگل.

smug[1] (سمگ) adj & n. neat, prim, spruce; smooth; sleek; affectedly smart and nice; offensively self-complacent; a smug person; an industrious student who does not take part in social activities; to make trim. صاف سٿرو، چٽو ڦوڪيو، فيشني، لسو، سنهو، تنگ خيال ماڻهو، اهو ماڻهو جو ملڻ جلڻ يا راند ۾ گهبرائي، پڙهاڪو شاگرد، لسو يا صاف ڪرڻ.

smug[2] (سمگ) vt. to seize without ceremony; to steal; to hush up.چورائڻ، بند ڪرڻ، لڪائڻ، ڪسڪائڻ، قبضي ۾ وٺڻ، خاموش ڪرائڻ، ماٺ ڪرائڻ.

smuggle[1] (سمگل) vt. to import or export secretly, illegally or without paying duty; to convey secretly.چوري آڻڻ نيڻ، غير قانوني ڌنڌو، لڪي ڇپي موڪلڻ، بنا محصول جي آڻڻ نيڻ جو ڌنڌو.

smuggle[2] (سمگل) vt. to fondle or cuddle.ڀاڪر پائڻ، (ٻار کي) هنج ۾ کڻي پرچائڻ، سيني لائڻ، لاڏ ڪوڏ ڪرڻ.

smuggler (سمگلر) n one who smuggles; a vessel used in smuggling. غير قانوني ڌنڌو ڪندڙ، مال لڪائي آڻيندڙ نيندڙ.

smuggling (سمگلنگ) n. the importing or exporting secretly goods subject to duty or restrictions. بنا محصول سامان ٻاهرين ملڪن ڏي موڪلڻ يا ٻاهران گهرائڻ، بندش ٻيل شين کي لڪ چوريءَ ٻاهر موڪلڻ يا ٻاهران گهرائڻ.

smur, smirr or smir (سمر) n fine misty rain; to drizzle, rain very finely.بوند، ڦڙيون، ڦڙيون پوڻ، ڦڙڦڙ پوڻ، هلڪي برسات، بوند وسڻ، سنهو مينهن يا برسات.

smut (سمٽ) n, & vt. a spot or stain; soot; worthless or bad coal; a flake or spot of dirt, soot; a black spot; a disease in grains, giving an appearance of soot; the fungus causing it; mildly obscene conversation, remarks, materials; to soil, spot or affect with smut; to become smutty.ٻيڪار اگر يا ڪوئلو،ڪاروداغ يا چٽو، دونهين جو چٽو، ڪارنهن، دونهون، گنديون ڳالهيون، ان کي رتي لڳڻ، ڪالي، ڪنگياري، ڪارنهن، ڪارو روڳ، ڪانگڙي (بيماري)، ٻوٽن جي ڦنگي بيماري.

smutch (سمچ) vt & n. to smudge; to sully; a dirty mark; soot; grime; a stain..ڪارنهن، دونهون، دونهاتيل، دونهين ذريعي ڪارو ڪيل، دونهين چاڙيل، دونهين سان ڪارو ڪرڻ.

smutty (سمٽي) adj. soiled with smut; affected with smut disease; mildly obscene.دونهاتيل، ڪارنهن ڀريو، خراب، گندو، ڪالو، ڪنگياري يا ڪاري روڳ ورتل، فحش، خرافاتي، ناپاڪ.

smytrie (سمٽري) n a collection of small things.ننڍين شين جو مجموعو.

snack (سنيڪ) n,vi a snap, bite; a share; a small quantity of food, a taste; a light meal; to snap; to share; to eat a snack. هلڪو ڦلڪو کاڌو يا ناشتو، هٿين جهل، چورو، چهر، گرهه، چڪ، حصو، ڀاڱو، بخيرو، ولڊ، چپو چورو، ڀاڱيءَ جهلو، معمولي کاڌي جي شيءِ.

snack-bar or snack-counter (سنئڪ ٻار) n a place where light meals can be bought.ڪاڌي پيتي جا ننڍا دڪان.

snack on (سنئڪ آن) to make a light meal from.هلڪو کاڌو تيار ڪرڻ.

snaffle (سنئفل) n & vt. a jointed bit or briddle for horses; to put a snuffle on; to control by a snuffle; to arrest; to capture; to purloin; to get possession of. لسو لغام، لغام ڏيڻ، لغام سان جهلڻ، ٻڌڻ، لغام وٺڻ.

snafu (سنئفو) adj. chaos; chaotic..الڏ، ڌنڌ، منجهيل وڪوڙ، منجهائيندڙ، افراتفريءَ وارو.

snag (سنئگ) n & vt. a short projecting stump, eg of a branch or tooth; a jig; a short tine; an embedded tree, dangerous for boats; hence, a catch; a hidden obstacle or drawback; a caught thread in a stocking; sausage; to catch on a snag; to tear on a snag; to hack so as to form snags; to clear of snags.ڏاٽ يا ٻاهر نڪتل ڏند، ڪينجهو، لاهڙ، تاري، ڪٽ، ٿب، ٻوٽ، وڏيل شاخ، گوشو، جيل، ٽڪڻ، جورابي جو نڪتل ڌاڳو، قيمي جو ڪباب، ٻاهر نڪتل شي کي جهلي بيهڻ، تاري چنڻ، رنڊڪون هٽائڻ، ڪوئي ڪڏا ڪيا ڪاهڻ.

snaggletooth (سنئگل ٽٿ) n a broken, irregular or projecting tooth. ٻيگل ۽ ٻاهرتي نڪتل ڏند.

snail (سنيل) n & vi. any terrestrial or air-breathing

gasteropod mollusc with a well-developed coiled shell; extended to other shelled gasteropods and to slugs; a sluggish person or animal; a snail wheel; medick of various kinds; to crawl, go very slowly. گهوگهيتو. پاڻيءَ جو جيت يا ان جهڙو ڪيڙو. ڪوڏ واري جيوت. صدفي مخلوق. سنک. سانکوتو. سپ. ڪوڏي. کرکٽو. ناد. سست ماڻهو يا جانور.

snail darter (سنيل ڊارٽر) n a small American fresh-water fish. آمريڪا جي مٺي پاڻيءَ جي ننڍي مڇي.

snailery (سنيلري) n a place where edible snails are bred. کاڄرو گهوگهيتا پيڪڙڻ جو ڏنڊو.

snail-fish (سنيل فش) n the fish also called the sea-snail. سامونڊي مڇي. صدفي بحري مخلوق.

snail-mail (سنيل ميل) n the ordinary postal system as opposed to the electronic mail system; correspondence sent using this. عام رواجي ٽپال جو سرشتو.

snail's pace (سنيلزپيس) n a very slow speed. تمام سست رفتار.

snail wheel (سنيلز ويل) n a cam that controls the striking of a clock. گهڙيال جو گهنڊ وڄائڻ وارو پرزو. ڪوڏ چرخي.

snake (سنيڪ) n & vt. a serpent, or member of the Ophidia, a class of elongated limbless scaly carnivorous reptiles, often venomous, with forked tongue, no eyelids or external ears, and teeth fused to the bones that bear them; an ungrateful or treacherous person; a wretch or drudge; anything snakelike in form or movement; an apparatus for blasting a passage through a mine-field; to creep; to drag. نانگ. بلا. سپ. نڳ يا دوکيباز ماڻهو. بي مروت. ممٺو. مڪريلو. ڦنداڪو. بي وڙو. لوفر. ريڙهيون پائڻ. سُرڻ. گهلڻ. نانگ شڪل شيءِ. کاڻ ۾ رستو ٺاهڻ لاءِ ڌماڪو ڪرڻ وارو اوزار.

snake bird (سينڪ برڊ) n the darter; the wryneck. سري سِلي. جهاتو هٿنڌڙ پکي. تکي چهنب ڪاٺڙو پکي. گردن مروڙ پکي. ننڍو ڪاٺ ڪٽو پکي.

snake bite (سنيڪ بائيٽ) n the bite of a venomous snake; the condition or symptoms of a victim of a snakebite; a drink made of lager and cider in equal measures. نانگ جو چڪ. نانگ جو ڪاڙل يا ڏنگيل. نانگ جو ڏنگ. ڪڪڇڻ. ڪک سنگهڻ. شراب جو وڏو پيگ.

snake-charmer (سنيڪ چارمر) n a person who handles snakes and gets them to perform rhythmical movements. جوڳي يا نانگ پڪڙيندڙ. نانگ پسند ڪندڙ.

snake cult (سنيڪ ڪلٽ) n serpent-worship. نانگ جي پوڄا.

snake-dance (سنيڪ ڊانس) n a religious dance of the Hopi Indians in which snakes are handled. (آمريڪي انڊين يا هندين جي) مذهبي جهمر.

snake eel (سينڪ ايل) n an eel without a tail fin. بنا پڇ جي مڇي. روهيلا مڇي.

snake fence (سنيڪ فينس) n a worm fence. جيئن ڪان بيهاريل رنڊڪ.

snake fly (سنيڪ فلاءِ) n a neuropterous insect with a necklike prothorax. مک جو قسم. نانگ مک.

snake-hipped (سنيڪ هِپڊ) adj. slim-hipped. سنهڙو. سنهي چيلهه وارو يا واري.

snake-house (سنيڪ هائوس) n a place where snakes are kept. نانگ گهر.

snake-oil (سنيڪ آئل) n any substance or mixture without medicinal value but sold as medicine; a quack medicine. نانگ جو تيل. جڙتو دوا يا علاج.

snake-pit (سنيڪ پٽ) n a mental hospital; a place, or circumstances, characterized by disordered emotions and relationships; a pit containing snakes; a kind of Himalayan and American snake with a visible pit in-between nose and eyes; a scene of vicious behaviour. چرين جي اسپتال. نانگ ٻرُ. ٻرڙ. هماليا جبلن ۽ آمريڪا جو کپر نانگ جنهن جي اکين ۽ نڪ جي وچ تي کڏو هوندو آهي. بد اخلاقي يا ڪميڻائيءَ جو مظاهرو يا نظارو.

snake root (سنيڪ روٽ) n bistort, milk-wort, Aristolochia, or any other plant whose root has been thought good for snakebites. اهڙي جڙي ٻوٽي يا ٻوٽو جو نانگ جي چڪ لاءِ فائدو ڪري. الجبار (ٻوٽو) ، جڙي ٻوٽي.طبي ٻوٽو.

snakes and ladders (سنيڪس اينڊ ليڊرس) n a board game played with counters and dice in which 'ladders' afford short cuts to the finish, but 'snakes' oblige players to descend to nearer the starting-point. لوڏو جي نانگن ۽ ڏاڪڻين واري راند.

snake's head (سنيڪز هيڊ) n fritillary; a bulbous plant with bell-shaped pendent flowers. ڦڙ. ڳنڍيـن وارو ٻوٽو. گهنڊ صورت گلن وارو ٻوٽو.

snake skin (سنيڪ اسڪن) n the skin of a snake, esp when made into leather; made of or resembling snakeskin. نانگ جي کل. نانگ جي کل جهڙو چمڙو.

snake stone (سنيڪ اسٽون) n a fossil ammonite; a stone thought to cure snakebite. مڻ يا نانگ جي مَڻ جيڪا نانگ جي ڏنگ کان فائدو ڪري. مشڪو.

snake weed (سنيڪ ويڊ) n bistort. نانگ گاهه. الجبار. ٻوٽو.

snake wood (سنيڪ ووڊ) n letter wood. ڪاٺ جو قسم.

snaky (سنيڪي) adj. pertaining to, of or like a snake; winding; sinuous; cunning; insinuating; showing coldness, ingratitude, venom or guile; infested with or composed of snakes; angry; irritable. نانگ

وانگر يا جهڙو، ٽانگ وَرُ، وَرَ وَرَ، ٺڪ، ڊوڪيباز، ٽانگ پريل، ٽانگ جهڙومڪار، مڪريلو، مرڙو، ڦنداڪو.

snap (سنئپ) **vi & vt.** to bite or seize suddenly; to speak tartly in sudden irritation; to grasp; to shut suddenly, eg by a spring; to make a sharp noise; to go with a sharp noise; to break suddenly; to bite suddenly; to seize, secure promptly; to answer or interrupt sharply; to shut with a sharp sound; to cause to make a sharp sound; to send or put with a sharp sound; to say snappishly; to break suddenly; to take an instantaneous photograph; an act, instance or noise of snapping; a small catch or lock; an earing; a kind of handcuffs; a share; a scrap; a snack; a crack; a crisp, ginger biscuit; a quick, crisp, incisive, epigrammatic quality in style; lively energy; a brief theatrical engagement; an easy and profitable place or task; a sharper, a cheat; a snapshot; a sudden cold spell; sudden, unexpected; offhand. اوچتو چڪ هڻڻ، ڏاڙهڻ، دڙڪا يا چڙبون ڏيڻ، تڙڪو ڪرڻ، ڪنڊ وجهڻ، پسجڻ، ڇڄڻ، در زور سان بند ڪرڻ، ٺڪاءُ ڪرڻ، اوچتو ڀڄڻ، تڙڪڻ، ٽٽڻ، آگرين مان ٺڪاءُ ڪڍڻ، چيٽي وڄائڻ، ڏاڙهه، ڪس، جهٽڪو، ڏهر، ڏاڙهه وجهڻ، چڙهڻ، پائڻ، تڙڪو ڏيڻ، ودي ونڻ، چنڻ، ڪجهه ونيڊڻ، تڙڪائڻ، جهاپو پائي ڪڻ، تڙڪو، جهپو، جهٽڪو، چيٽي، ٺڪاءُ، ڪن جو زيور، والي، هٿڪڙيءَ جو قسم، پاڻ مرادو بند ٿيندڙ هٿڪڙي، ڪڙڪ بسڪوٽ، ادرڪ جو بسڪوٽ، تمام سولو يا آسان ڪم، سولي جاءِ، ٺڳ، ڪيسي ڪترڻو، ڳنڍيچوڙ، بشتي، لليچو، ٽانڪي، ڦورو، هٿ جو ڦڙت، ٿڌي هوا يا موسم جو جهلڪو، اوچتو ٿيندڙ ڳالهه يا واقعو، ٺهه پهه، اتي جو اتي، هٿو هٿ.

snap bean (سنئپ بين) **n** a bean grown for its pods which are broken into pieces and eaten. ڪاچرو ڦري.

snap-bolt (سنئپ بولٽ) **n** a bolt which locks automatically when a door or window closes. پاڻ مرادو بند ٿيڻ وارو بلٽ يا تالو، پاڻ مرادو بند ٿيندڙ تاڙي.

snap-brim (سنئپ برم) **n** (of a hat) having a brim that turns down springily. ٽوپ يا ٽوپلو جنهن جا پاسا اسپرنگ وانگر هيٺ مٿي ٿي سگهن.

snap-dragon (سنئپ ڊريگن) **n** a plant of the figwort family whose flower when pinched and released snaps like a dragon. سنئپاتَ بوٽو، گل ميمون بوٽو.

snap-fastener (سنئپ فاسنر) **n** a press-fastener, a press-stud. زور ڏيڻ سان بند ٿيندڙ ميخ يا بٽڻ.

snaphaunce, snaphance or **snaphaunch** (سنئپ هانس) **n** a freebooter; a flintlock or a weapon with one; a spring catch or trap. ڪهوماڪڙ، رولاڪ، رولو، بندوق جي گهوڙي کي روڪڻ جو نظام، اسپرنگ واري ڪوڙڪي.

snap-link (سنئپ لنڪ) **n** a link with a side opening closed by a spring. اسپرنگ رستي کلندڙ ۽ بند ٿيندڙ جوڙ.

snapper[1] (سنئپر) **n** an animal that snaps; one who snaps or snaps up; an attachment at the end of a whiplash to make it crack; a snapping-turtle; any fish of the family Lutjanidae, related to the basses; any of several highly esteemed food-fish of the family sparidae; a cracker. چڪ هڻندڙ چڪر، ڪوڙي جي منهن جي بناوت، ڪميءَ جو قسم، مڇيءَ جي جنس، ڪگو، بام ۽ سنگ جنس واري مڇي، ٺاڪو.

snapper[2] (سنئپر) **n & vi.** a stumble; a slip in conduct; a scrape; to stumble. خطا، ٿابو، جنجال ، ڪرڻ، ٿابڙڻ.

snapping-turtle (سنئپنگ ٽرٽل) **n** a large aggressive American freshwater tortoise, which seizes prey with a snap of its jaws. آمريڪي ڪڇون يا ڪمي، هڪ وڏو خونخوار ڪڇون يا ڪمي.

snappish (سنئپش) **adj.** apt to snap; peevish; tart; crabbed; quick. چهڙون ڏيندڙ، هڙڪيو، تکو، چتو، چڙلو، چهڙاٽو، زود رنج، ڪاوڙيلو، ڪاوڙ پريل، غصيلو، چڙبيندڙ، هُشيندڙ.

snappy (سنئپي) **adj.** snappish; snapping; having the quality of snap; instantaneous; smart, fashionable, polished. تيز، تکڙو، تازو توانو، پرجوش، پڙڪيلو، هر ڦريو، فيشني، صاف سٿرو، اڇو اجرو.

snapshot (سنئپ شاٽ) **n** a hasty shot at a moving animal; a photograph taken quickly and informally, with simple equipment; an instant record of an event, situation at a particular time, esp a stage in a process or sequence; a visual record of the placement of stored data at a specific stage in a program run (comput). ترت تصوير ڪڍڻ، سرسري تصوير يا عڪسي فوٽو، ڪمپيوٽر ۾ مواد رکڻ جو طريقو (جنهن مطابق ڪهڙيل جڳهه تي مواد رکي سگهجي).

snar (سنار) **vi** to snarl. گرڻ، چڙهڻ، گهڙڪڻ، چهڙون ڏيڻ، (ڪتي جو) پونڪڻ.

snare (سنيئر) **n & vt.** a line with a noose for trapping; a trap; an allurement, temptation, entanglement or moral danger; a loop for removing tumours; a string stretched across the lower head of a side-drum; to catch, entangle or trap in a snare; to remove with a snare. ڦندو، ڦاري، سرڪڻ ڦاهي، ڦاسڻي، ڦندو، ڦڙڪ، ڦرتي، چڙڪ، دام، جار، ڦاهي، ڦاسائڻ، اسڪائڻ، چمڙي جي ڏوري، دام ۾ آڻڻ.

snark (سنارڪ) **n** an imaginary animal; a fabulous animal. خيالي جانور، ديو مالائي جانور يا حيوان.

snarl[1] (سنارل) **vt, vi & n.** to make a surly resentful noise with a show of teeth; to speak in a surly manner; to offer snarlingly; an ill-natured growl-

ing sound or facial expression; an act of snarling. گونٹرڻ، گيرڻ، ڇهڙون ڏيڻ، ڏند ڏيڻ، چڙيون ڏيڻ، ڪورڻ، گهڙ ڪڻ، ڇهڙ، گير، ڏهر.

snarl[2] (سنارل)a **n & vi.** knot; a tangle; a knot in wood; to ensnare; to tangle; to raise with a snarling iron; to tangle..گنڍ، (سٽ) منجهائڻ، چٽ ڪڍڻ، چٽ اڻارڻ، پيچدار ڪرڻ.

snarling-iron or **–tool** (سنارلنگ آئرن) **n** a curved tool for raised work in hollow metalware.چٽ ڪڍڻ لاءِ اوزار، رَنبي.

snarl up (سنارل اپ) **n** to make muddled or tangled and thus stop operating, moving, smoothly; a tangle; a traffic jam.منجهائڻ، مونجهارو، رڪاوٽ، سوارين جو هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ.

snash (سنش) **n &vi.** insolence, abusive language; to talk impudently.بي ادبي، گستاخي يا گاريون ڏيڻ، فحش ڳالهاءِ.

snaste (سينسٽ) **n** a wick; a candle-snuff.ڏيئي يا ميڻ بتيءَ جي وٽ.

snatch (سنچ) **vt, vi & n.** to seize hastily or suddenly; to pluck away quickly; to grab; to take as opportunity occurs; to make a grasp, snap or seizure; a snap; an act of snatching; a grab; a short spell; a fragment, of song or verse; a snack; a catch of the voice; a quibble; a type of lift..جهالو هڻڻ، ڇنڻ، ڪسڻ، جهپو هڻڻ، ڪس، ٽڪرو (ڪنهن گيت يا بيت جو)، چڪ، جهالو، جهٽ وجهڻ، هرت ڪرڻ، جهپ، جهاٽ، جهپو، چڪي، ذرو، ٽڪر، لوڙڪو، مفت سواري.

snatch block (سنچ بلاڪ) **n** a block with a side opening for the bight of a rope.رسيءَ کي جهلڻ واري بناوٽ (جنهن ۾ ان کي ڦاسائي قابو ڪجي).

snatch squad (سنچ اسڪئاڊ) **n** a group of policemen, who force a sudden quick passage into a disorderly or rioting crowd in order to arrest trouble-makers or ringleaders; a swift, organized sally by a group of people in order to seize something.پوليس جٿو، جلدي ڀڄي شرارت ڪرڻ وارن کي ٽڪڙو پڪڙڻ وارو خاص پوليس جٿو، ماڻهن جي ڪنهن خاص جٿي طرفان ڪاجي حملو ڪري ڪنهن جاءِ يا شيءِ تي قبضو ڪرڻ.

snath, snathe, snead, sneath or **sned** (سناڌ، سنٿ، سنيڊ، سنيٿ) **n** the curved handle or shaft of a scythe. ڏاٽي جو ڳن، دستو، هٿيو،مٺيو.

snavel (سنول) **n** catch, take; steal..پڪڙ، جهالو، ڪڻ، چوري، چورائڻ.

snazzy (سنئزي) **adj.** very attractive or fashionable; flashy.برڪشش، وڻندڙ، ناموڪو، گوشت پريل، ٺلهوٽارو، تازو، توانو، فيشني، لٺون.

sneak (سنيڪ) **vi, vt & n.** to go furtively or meanly, to slink or skulk; to cringe; to behave meanly; to tell tales; to pass furtively; to creep privately; to crouch; to steal; a sneaking person; a person who sneaks away; a sneaking thief; a tell-tale; a ball bowled along the ground.ڪسڪي وڃڻ، لڙ ڏيڻ، ٽڳائي وڃڻ، چوراڻي وڃڻ، ڪاڻسر، چغل خور، سمشو، ڪندو، چغلي هڻڻ، لڪ ڪرڻ، ڪڏو، ميسوٺو، سٺو گيڏي، زمين تي لڳائي اڇلايل بال.

sneaker (سنيڪر) **n** a person who or thing that sneaks; a soft-soled, canvas show; a sandshoe..گوسڙو، گوسڙات، گهرو، گوهيون هڻندڙ، بنا آواز بوٽ، ربڙ جي تري وارو بوٽ، واريءَ سي زمين تي هلڻ وارو جوتو.

sneaking (سنيڪنگ) **adj.** mean, servile; crouching; secret, underhand, not openly avowed; lurking under other feelings. ڪميڻو، لڪل، ڳجهو، دل ۾ دل ۾، اندر ۾ ڪينو يا بغض رکندڙ، اندر ۾ ڪندڙ.

sneak preview (سنيڪ پري ويو) **n** a special private screening or reviewing of a film, exhibition before it is officially released, made available to the public.عوام اڳيان پيش ڪرڻ کان اڳ نئين فلم يا ڪنهن پٽي هنر جي خاص ماڻهن اڳيان نمائش.

sneak-raid (سنيڪ ريڊ) **n** a bombing or other raid made under conditions of concealment..بم اڇلائڻ لڪي حملو ڪرڻ، اوچتو هوائي حملو.

sneak-thief (سنيڪ ٿيف) **n** a thief who steals through open doors or windows without breaking in.چور جيڪو کليل لنگهه رستي داخل ٿي چوري ڪري.

sneak-up (سنيڪ اپ) **n** a sneak, shirker or skulker.چغل خور، ڪم چور، ٻڇڙو، سڪڙو.

sneaky (سنيڪي) **adj.** sneaking; cunning..لڪل، ميسوٺو، ٺڳ، مڪريلو.

sneap (سنيپ) **vt & n.** to nip, pinch; to put down, repress, snub; a snub, check..پٽڻ، چهنڊڙي هڻڻ، چڙٻڻ، چڪاس ڪرڻ، تنبيهه ڪرڻ.

sneck (سنيڪ) **n & vt.** a latch; a door-catch; to fasten with a sneck. ڪڙو، تاڙي، تاڙي هڻي بند ڪرڻ.

sneck-drawer (سنيڪ ڊرائر) **n** someone who lifts the latch; an insinuating or crafty person..تاڙيون کوليندڙ، مڪريلو، ڦندائتو ماڻهو.

sned (سنيڊ) **vt.** to cut; to lop; to prune..ڪپڻ، ڇانگڻ، ٽاريون وڍڻ، ڇانگ ڪرڻ.

snee (سني) **vi.** to cut. ڪپ، ڪپڻ، ڇانگڻ، وڍڻ.

sneer (سنيئر) **vi, vt & n.** to show contempt by the expression of the face, as by drawing up the lip; to express such contempt in other ways; to grin; to

utter sneeringly; to sneer at; to render or drive by sneering; a sneering expression; an act of sneering..لک موڙڻ. موڙو ڏيڻ. نفرت يا حقارت سان ڏسڻ. لوڪ ڪرڻ. لڪ سوڙ ڪرڻ. جهلڪو ڏيڻ. لوڪ هڻڻ. تحقير ڪرڻ. لوڪ. طعنو. لک بچو.

sneesh (سنيش) **n** a pinch of snuff; snuff. قلو. چپٽي. ناس. ناس جي چپٽي.

sneeze (سنيز) **vi & n.** to make a sudden, involuntary and audible expiration through the nose and mouth, due to irritation of the inner nasal membrane; an act of sneezing..ڇڪ اچڻ. ڇڪ اچڻ. ڇڪون ڏيڻ. لش ڏيڻ. ڇڪ يا ڇڪ.

sneeze box (سنيز باڪس) **n** a snuffbox. ناس جي دبلي. ناس دالي.

sneeze weed (سنيز ويڊ) **n** an American composite plan آمريڪي ٻوٽو.

sneeze wood (سنيز ووڊ) **n** a S African meliaceous timber tree, or its wood, whose sawdust causes sneezing. ڏکڻ آفريڪا جو عمارتي ڪاٺ جو وڻ ۽ ان جو ڪاٺ. (ان جي ٻوري مان ڇڪون ايندڙن آهن).

sneeze wort (سنيز ورٽ) **n** a species of yarrow once used as a substitute for snuff; white hellebore. لڪ ڇڪڻي. ناس. ناس جهڙو مادو. ڇڪون ڏياريندڙ مادو.

snell[1] (سنيل) **adj.** (of wind or weather) keen, sharp or severe.. سخت يا تکي هوا. طوفاني موسم. تيز هوا. هوا جو طوفان.

snell[2] (سنيل) **n, vt.** a short piece of hair, gut, attaching a hook to a line; to attach a hook to a line. وار جو لڪرو. آنڊي جو لڪر. ڏوريء جو لڪر ۽ ان سان لڳايل چلو يا ڦڪ.

Snell's law (سنيلز لا) **n** (physics) the law that the ratio of the sines of the angles of incidence and refraction of a wave are constant when it passes between two given media. سنيل جو قانون يا متو.

snib (سنب) **n & vt.** a small bolt; a catch for a window-sash; to fasten with a snib. تاڙي يا ڪنڊو. دريء جي تاڪ جي چنختي. بلٽ يا تاڙيء سان بند ڪرڻ.

snick[1] (سنڪ) **vt & n.** to cut out, snip, nick; to clip; to deflect slightly by a touch of the bat; a small cut; a glancing stroke in cricket. لڪو ڏيڻ. ڪپ يا ڪاڻو ڪرڻ. درز. لورو ڏڪ (ڪرڪيٽ ۾). هلڪو ڏڪ.

snick[2] (سنڪ) **n, vt & vi.** click. لک لک. ڪٽ ڪٽ.

snicker (سنڪر) **vi, vt & n.** to snigger; to nicker or neigh; to say gigglingly; a giggle.. آهستي کلڻ. مرڪڻ. هلڪي کل. کک کک ڪرڻ. هڻڪڻ.

snickersnee (سنڪر سني) **n & vi.** a large knife for fighting; fighting with knives; to fight with knives. ڪاتي. ڪپ. چاقو. ڪاتين سان وڙهڻ.

snicket (سنڪيٽ) **n** a narrow passage or back street; a ginnel. سوڙهو رستو. لنگهه. ننڍي گهٽي. پوئين گهٽي. پيچرو.

snick up (سنڪ اپ) **vi.** go hang. وڃي ڏوڙ پاءِ.

snide (سنائيڊ) **adj.** sham; counterfeit; base; mean; dishonest; derogatory in an insinuating way; showing malice.. نقلي. ڪوڙو سکو يا زيور. ملاوٽي. ڦيتهڙ. هلڪو. سفلو. بي عزتي ڪندڙ. هتڪ وارو. بدنيتي يا نفرت ظاهر ڪرڻ.

sniff (سنف) **vt, vi & n.** to draw in audibly with the breath through the nose; to smell; to suspect or detect by smell or as if by smell; to draw in air sharply and audibly through the nose; to draw up mucus or tears escaping into the hose; to smell tentatively; to express disapprobation with reticence by a slight sound in the nose; to snuffle; to inhale a dangerous or addictive substance; an act or a sound of sniffing; a smell; a small quantity inhaled by the nose; a slight intimation or suspicion; (of a dog) trained, designed to seek out or locate illicit or dangerous substances by smell. سنگهڻ. سڻڪڻ. لوسڻ. لوس لوس ڪرڻ. ناسون هڻڻ. سون سون ڪرڻ باس اچڻ. لک ڏيڻ. ناس ڏيڻ. سڻڪڻ جو آواز. ناس سڻڪڻ. سنگهي ڏسڻ. نشي وارو مادو يا نقصانڪار مادو سنگهڻ. لک جي آواز رستي نا پسنديدگي يا نفرت ظاهر ڪرڻ. شڪ. شبهو. (ڪتو) بوء سنگهڻ لاء سيکاريل. ڪيڙيل. نقصانڪار مادا ڳوليندڙ ڪتو.

sniffer (سنفر) **n & adj.** a person who sniffs, esp one who sniffs a drug or toxic substances; the nose; any device for detecting gas, radiation, etc.. سنگهڻو. موالي. نشي. ناس ڏيندر. لک رستي نشو ڪندڙ. گئس يا جوهري مادو ڳوليندڙ اوزار.

sniffer dog (سنفر ڊاگ) **n** a dog trained to sniff out drugs or explosives. جاسوس ڪتو. سنگهي (بارود يا پيو مادو) پڪڙيندڙ ڪتو.

sniffle (سنفل) **vi.** to snuffle slightly, to sniff; an act of sniffling; the sound made by sniffling; a slight cold; liquid mucus running out of or blocking the nose.. سنگهڻ. سنگهڻ جو عمل. سون سون جو آواز. ڪوبو. سنگهه.

sniffler (سنفلر) **n** someone who sniffles; a slight breeze. سنگهندڙ. هلڪي هوا.

sniffy (سنفي) **adj.** inclined to be disdainful. لک ۾ لڪو. لک جو ڏاڍو. بدبوء دار. ضدي. هوڏي.

snift or snifter (سنفٽ آر سنفٽر) **vi & n.** to sniff or snivel; to blow out steam; a sniff; blockage of the nasal passages in catarrh, the sniffles; a dram; a strong breeze; a brandy-glass. پالڪ. لک وهڻ. سنگهڻ. ٻاهر ڪڍڻ. سنگهڻ وارو مادو. ناس. لک جو زڪام ڪري بند ٿيڻ.

معمولي وزن، تيز هوا، طوفاني هوا، شراب جو گلاس.

snifting valve (سنفٽر والو) **n** an air valve of a cylinder. هوا جو وال، ٻاڦ ٻاهر ڪڍڻ جو اوزار يا نظام.

snifty (سنفٽي) **adj.** having a tempting smell; inclined to sniff in disdain. بدبوءِ، ڏپ، سون سون ڪرڻ.

snig (سِنگ) **n & vt.** a river eel, esp an immature eel; to drag a load with chains or ropes. رسيءَ سان بار ڇڪڻ، مڇي، مٺي پاڻيءَ جي بام يا گوج مڇي.

snigger[1] (سِنيگر) **vt.** to catch salmon with a weighted hook. ڪنڍي سان سامن مڇي ڦاسائڻ.

snigger[2] (سِنگر) **vi, vt & n.** to laugh in a suppressed manner, often derisively or mockingly; to say with a snigger; a half-suppressed laugh. آهستي کلڻ، ٺهه ٺهه ڪرڻ، لڪائي کلڻ، دبيل کل.

sniggle (سِنگل) **vi, vt & n.** to fish for eels by thrusting the bait into their hiding places; to fish for salmon, by striking with a hook; to catch in this way; a baited hook. پاڻيءَ ۾ ڪاتو اڇلائي مڇي پڪڙڻ، ڪلوڙي سان مڇي ڦاسائڻ، چاريءَ سان ڦاسائڻ.

snip (سنپ) **vt & n.** to cut with a stroke of scissors; to snatch or snap; a small cut, with scissors; a small shred; a small slender or despicable person; a small piece; a notch, slit or slash; the sound of a stroke of scissors; a white or light patch or stripe on a horse, esp on the nose; a share; a tailor; a certainty; a bargain. ڪترڻ، ٽڪ ڪاتر، ڪتر، ٽڪرو، تراش، ڪٽي ڇڏڻ، ڪتري وٺڻ، معمولي پٽي، نفرت لائق ماڻهو، چير، چيرُهه، قينچيءَ جو آواز، درزي، (گهوڙي جي بدن تي) اڇو يا هلڪي رنگ جو لڪو يا ليڪ، حصو، پڪ، خاطري، سودو ڪرڻ.

snipe (سنائيپ) **n & vi.** any of several wading grallatorial birds, breeding in marshes and having a long straight bill; any of several similar or related species; a fool or contemptible person; the butt of a cigar or cigarette; a sniping shot; a verbal attack, criticism; to shoot snipe for sport; cover; to attack or criticize, esp from a position of security. مينهڙ پکي، اسنف پکي، لڪ پکي، لڪئو، ڇَٽ، لڪي گوليون هڻڻ، لڪي ڇيني ڪرڻ، ڊڊ پکي، ڊگهي چهنب وارو ڍانڊي پکي (جنهن جو شڪار ڪيو وڃي ٿو)، سگار جو ٽوٽو، بيوقوف ماڻهو، ڪنو، گندو، ڪٽڻ وارو ڏنگ، شڪار ڪرڻ، ٽوڪ بازي ڪرڻ.

snippet (سنپيٽ) **n** a little piece snipped off; a scrap, of literature, news. ڪاتر، لڪر، لڪر ٽوٽ، معمولي ادبي مواد، جز، لڪت.

snippy (سنپي) **adj.** fragmentary; stingy; snappish. لڪر ٽوٽ، ڪنو، بدبودار، سڦلو، هلڪو.

snips (سنپس) **n** hand-shears for sheet metal. لوهه ڪپ لڪڻ واري وڏي قينچي.

snips-snap (سنپس سنئپ) **n** the action or sound of scissors; quick snappy dialogue. قينچيءَ جو آواز، تڪڙو ڳالهاءُ.

snipy (سنپي) **adj.** snipe-like; snipe-beaked; frequented by snipe. وڏي چهنب وارو ڍانڊي پکي، شڪاري پکين واري جاءِ، اسنف ۽ لڪ پکين جي رهڻ يا موجودگيءَ واري جاءِ.

snirt (سنرٽ) **n.** a smothered laugh. دبيل ٽهڪڙو، دبيل کل، لڪل کل.

snit (سنٽ) **n** a rage; a sulk. ڪاوڙ، جوش، ڪار، داءُ.

snitch (سنچ) **n, vi, & vt.** the nose; a fillip on the nose; an informer; to inform or peach; to pilfer. نَڪ، سونگهڻو، چاڻ ڏيڻ، جاسوس، چغلخور، چغلخوري ڪرڻ، چاچ جوچ رکڻ، ڪسڪائڻ.

snitcher (سنچر) **n** an informer; a handcuff. خبر ڏيندڙ، جاسوس، خابرو، چغلخور، هٿ ڪڙي.

snivel (سنائيول) **n, vi & vt.** mucus of the nose; a sniff; a hypocritical snuffle; cant; to run at the nose; to sniff; to snuffle; to whimper or cry; to utter with snivelling. سِينگهه، گوبو، ناس، لوڪ، تنقيد، لڪ وهڻ، ميڪڻ، ڏيکاءُ جون ڳالهيون ڪرڻ.

snob (سناب) **n** one who sets too much value on social standing, wishing to be associated with the upper class and their mores, and treating those viewed as inferior with condescension and contempt; someone having similar pretensions as regards specified tastes; a shoemaker, a shoe-maker's apprentice, cobbler; a townsman; would be aristocrat; a person of ordinary or low rank; an ostentatious vulgarian; a blackleg, scab. (وڏن جي) خوشامد ڪندڙ، وڏائيءَ وارو، وڏ ماڻهپي جو دم رکندڙ ۽ ٻين کي حقير سمجهندڙ، پاڻ پڏائو، سوچي، ڪمذات، ليچ، فصل پٽيرو، وقت جو ساٿي، ڪميڻو شخص، بنا وقتي ماڻهو، هيٺين درجي جو ماڻهو، فحش.

snobbery (سنابري) **n** snobbishness; snobbish behaviour. اجايو تڪبر، پاڻ پڏائڻ، وڏائي.

snobbish (سنابش) **adj.** like a snob; pretending to gentility. وڏائيءَ جو دم.

snobling (سنابلنگ) **n** a little snob. معمولي ڏيکاءُ وارو ماڻهو، ڪمذات، گهٽ ذات.

snobography (سنوبوگرافي) **n** the description of snobs and snobbery. خوشامدي ماڻهن بابت تفصيل ۽ انهن جا طريقا.

Sno-cat (سنوڪئٽ) **n** a type of motorized, tracked vehicle for use on snow. موٽر واري برف گاڏي.

snod (سناد) **adj & vt.** smooth, neat, trim, snug; to trim, set in order. لسو، سڌو، صاف، سڌريل، سڌو ڪرڻ.

سڌارڻ. بهتر ڪرڻ. نامي بيهارڻ.

snog (سناگ) **vi.** to embrace, cuddle, kiss, indulge in lovemaking.. ڀاڪر پائڻ. ڳلي لائڻ. چمي ڏيڻ. پيار ڪرڻ. مباشرت ڪرڻ. سنجوڳ ڪرڻ.

snood (سنوڊ) **n & vt.** a band or ribbon for the hair; an ornamental hairnet supporting the back of a woman's hair; a tube of knitted or other material worn as a hood; the length of fine line, gut, by which a fish hook is fixed to the line; to bind, dress or fasten with or in a snood.. وارن لاءِ پٽي. سربند. اوني ٽوپ. ٽوپي. ڏوري. آلدو. پٽي. رسي. پٽين يا ڏورين سان ٻڌڻ.

snook[1], **snoke** or **snowk** (سنوڪ) **vi.** to snuff or smell about; to lurk, prowl or sneak about. سنگهڻ. لوسڻ. تاڙ ۾ رهڻ. نظر رکڻ. لڪي ڏسڻ. چپي نظارو ڪرڻ.

snook[2] (سنوڪ) **n,** any of several marine fishes; the cobia, robalo, garfish or the barracouta. هڪ قسم جي مڇي. سنگرو. آنگلي. سامونڊي مڇيون.

snook[3] (سنوڪ) **n** the gesture of putting the thumb to the nose with the fingers held upright and spread out, to express derision, defiance. نفرت جو هڪ انداز (جنهن ۾ نڪ تي آڱوٺو رکي آڱريون هلائيندا آهن). نفرت ظاهر ڪرڻ. منهن مقابل ٺين. للڪارڻ.

snooker (سنوڪر) **n & vt.** a variety of the game of pool, played with 15 red balls, 1 white cue ball and 6 balls of other colours, the object being to pocket the non-white balls in a certain order and gain more points in so doing than one's opponent; a situation in snooker where the path between the cue ball and the ball to be played is block, forcing an indirect shot to be played; to render a direct stroke impossible for; to thwart (a person or plan) by placing an obstacle in the way. سنوڪر راند. سنوڪر راند کيڏڻ جو طريقو. سڌي ڌڪ هڻڻ کان پاڻ بچائڻ. سڌو ڌڪ نه هڻڻ ڏيڻ. (مخالف جو) منصوبو ناڪام بنائڻ. رنڊڪون ڪڙيون ڪرڻ.

snool (سنول) **n, vt & vi.** one who submits tamely to wrong or oppression; to keep in subjection; to snub; to be tamely submissive.. هيسان ڪرڻ. دٻائڻ. چڙٻڻ. ڪهٽ وڏ ڳالهائڻ. جهڙڪڻ. رهڙ پٽڻ. چند پٽڻ. فرمانبرداري ڪرڻ. جهڪي هلڻ. اعتراض نه وارڻ.

snoop (سنوپ) **vi.** to go about sneakingly; to pry. ڏسي هلڻ. تڪڻ. لوسڻ. چپي چپي ڏسڻ. اک ٽيٽ ڪرڻ.

snooperscope (سنوپر سڪوپ) **n** a device which converts infrared radiation reflected from an object into an image on a fluorescent screen, used for locating or identifying objects in darkness. انفراريڊ اثر کي تصويري صورت ڏيڻ وارو اوزار. اونداهه ۾ شين کي ڳولڻ جو هڪ خاص طريقو (بنا روشني ڪرڻ جي).

snoot (سنوٽ) **n & vt.** the nose; an expression of contempt; a snobbish person; to regard contemptuously. نڪ. نفرت جو اظهار. پاڻ پڏو. ٻئي کي گهٽ ڪري سمجهڻ.

snootful (سنوٽفل) **n** enough alcohol to make one drunk. هڪ پيگ يا هڪ گلاس جيترو شراب.

snooze (سنوز) **vt & n.** to doze, take a short nap; a short sleep; a nap; something boring and soporific. ننڊ ڪرڻ. پنڪي. اجايو وقت گذارڻ. ڊولڪو. سستيءَ ۾ گذارڻ. اونگهڻ. سمجهڻ.

snooze button (سنوزبٽڻ) **n** a device on an alarm clock which stops the alarm and allows a few minutes respite before it sounds again. گهنٽي وڄائڻ واري گهڙيال جو نظام جنهن هيٺ اهو وقفي وقفي سان گهنٽي وڄائي. اٿاري يا جاڳائي.

snoozle (سنوزل) **vi & vt.** to nuzzle and then sleep; to thrust nuzzlingly. سون سون ڪرڻ. سمهڻ. ڪونگهرا هڻڻ.

snore (سنور) **vi, vt. n.** to breathe roughly and hoarsely during sleep with vibration of the uvula and soft palate, or of the vocal chords; to snort; to pass in snorting; to render by snoring; a noisy breathing of this kind; a boring person, thing or event. ڪونگهرا هڻڻ. سمهي وقت گذارڻ. ٿنگ ڪندڙ ماڻهو يا شيءِ يا موقعو.

snorkel (سنورڪل) **n** a retractable tube, or set of tubes by means of which a submarine takes in air and releases exhaust gases; a retractable stair-case; a short stiff tube with a mouthpiece, by means of which a submerged swimmer can breathe; a type of hydraulically elevated platform for firefighting. آبدوز ۾ هوا پهچائڻ ۽ ٻاهر ڪڍڻ لاءِ نڙن جو نظام. اندر ٻاهر ٿيندڙ نڙا جنهن مان آبدوز جي گئس ٻاهر خارج ٿئي. ٽوبن جو پاڻيءَ اندر ساهه کڻڻ وارو اوزار. باهه وسائڻ وارن جي وڏي ڏاڪڻ.

snort (سنارٽ) **vi, vt & n.** to force air with violence through the nostrils, as horses do; to snore; to inhale a powdered drug, eg cocaine, through the nose; to express by utter with a snort; to force out, as by a snort; to inhale; an act or sound of snorting; a quick drink; the snorkel on a submarine.. ڦوڪارو هڻڻ. زيل هڻڻ. ڦوڪارڻ. ڪاوڙ جو اظهار. ڦوڪاڻ. پائوڊر صورت نشي آور مادو سنگهڻ. گهوڙي وانگر ڦوڪارا هڻڻ. نڪ جي آواز وسيلي جذبات ظاهر ڪرڻ. سنگهڻ. تکڙو شراب جو پيگ پيئڻ. آبدوز جو هوا خارج ڪرڻ جو نظام.

snorter (سنارٽر) **n** one who snorts any thing characterized by extreme force, esp. a gale; anything ex-

ceptional, eg in size, strength..ڦوڪاريندڙ، ڪونگهرا هشندڙ، ڦوڪارو ڏيندڙ، تيز هوا جو جهونڪو، تمام وڏي قدبت وارو، گهڻي قوت يا طاقت وارو.

snot (سنات) **n, vi & vt.** nasal mucus; a contemptible person; to blow the nose..سنگهه، گوبو، نڪ جي غلاظت، نفرت ڀريو ماڻهو، سنگهه ڪڍڻ، نڪ صاف ڪرڻ.

snotter (سناٽر) **n** the fitting that supports the inboard end or heel of a sprit.بحري جهاز جي اهڙي بيهڪ جيڪا سڙهن کي جهلي بيهڻ ۾ مددگار هجي.

snottery (سناٽري) **n** snot, filthiness; snotty, foul with snot. گوبو، سنگهه، گند، ڪن، ڪن ڪرڻ.

snotty (سناٽي) **adj. & n.** like, or foul with, snot; superciliously stand-offish, with the nose in the air; mean, of no importance; a midshipman..گوبو، سنگهه، جهاز جو آفيسر، معمولي ڪارندو.

snout (سناؤٽ) **n & vt.** the projecting nose or muzzle of an animal, esp a pig; a nozzle; any similar projection; the lower end of a valley glacier; a cigarette, tobacco; a police informer; to provide with a snout.دوناڙ، سونڊ، بوٿڙ، پوٿ، ڪنهن شيءِ جو اڳيون اڀريل يا لڪتل حصو، بولدارو، بوٿاڙي، ڦالدڙي، نڪ، بيڙي، تماڪ . جاسوس، سونڊ يا بوٿارو لڳائڻ يا مهيا ڪرڻ.

snout-beetle (سناؤٽ بيٽل) **n** another name for evil. سرو، گهٽو، منگهڻ، اناج جو جيت.

snouty (سناؤٽي) **adj.** like a snout; snouted; haughtily supercilious.بوٿ وارو، نڪ اڀريل، سونڊ وارو، مدمغز، پاڻ پڏائو، مغرور.

snow[1] (سنو) **n, adj. vi & vt.** watery particles frozen in crystalline form, whether in single crystals or aggregated in flakes; a snowfall; a mass or expanse of snow; a winter; any substance resembling snow, such as carbonic acid snow; snow like specks on the screen caused by electrical interference on TV; anything white, such as hair; a white-fleshed variety of apple; linen, esp drying or bleaching; cocaine, morphine, heroin; of snow; to shower snow; to bury, block, shut in or overwhelm with or as if with snow; to mislead, persuade, overwhelm or convince with insincere and complex information.پارو، برف، يخ، جميل پاڻي، برف باري، برف پوڻ، برف جو ڍگ يا انبار، برف جهڙو، ڪوڪين، چانديءَ ،ڪابه اڇي شيءِ، سيارو، تڪار، برف جهڙي رنگ واري شيءِ يا سادو، ٽيليويزن جي شيشي تي نظر ايندڙ اڇا ترورا، اڇا وار، اڇو صوف، اڇو لين جو ڪپڙو يا ڌاڳو، نشي آور اڇو سادو (جيئن هيروئن، ڪوڪين، مارفين وغيره)، برف جو، برف جو مينهن، برف ۾ پورڻ، غلط ڏس ڏيڻ، بگاڙڻ، غلط صلاح مشورو ڏيڻ، غلط معلومات پهچائڻ، منجهائڻ، پلاڪڻ.

snow[2] (سنو) **n** a vessel like a brig, with a trysail-mast.ٽن سڙهن واري بيڙي يا جهاز، ٽن کوهن وارو جهاز، وچولي درجي جو جهاز.

snowball (سنوبال) **n, vt.** a ball made of snow pressed hard together, used as a missile, esp by children; a snowball tree; a dance begun by one couple who then separate and choose new partners, and so on until everyone present is dancing; a drink of advocaat and lemonade; a round white pudding, cake or sweetmeat; a Black person, chimney-sweep; something that grows like a snowball rolled in snow; to play with snow-balls.برف جا گولا جيڪي ٻار راند کيڏڻ لاءِ ڪتب آڻيندا آهن، برف جو ڳنڍو، ڪيڪ يا مٺائي، ڪيرڻي، ڪارو ماڻهو، ناچ جنهن ۾ هڪ ماڻهوءَ سان نچي وري ٻئي سان نچڻ لڳجي، ساٿي مٽائڻ وارو ناچ، سنو شربت، پڊنگ جو ڪيڪ، بخاري جي چار يا رک، برف جي گولن سان حملو ڪرڻ، برف جا گولا اڇلائي هڻڻ.

snowball tree (سنوبال ٽري) **n** a deciduous flowering shrub having dense rounded heads of sterile white flowers. اڇن گلن وارو ٻوٽو.

snow berry (سنوبيري) the white berry of an American shrub of the honeysuckle family; the shrub itself. اتر آمريڪي ٻير وانگر اڇو ميوو ۽ ان جو ٻوٽو.

snow bird (سنوبرڊ) **n** any finch of the N American genus, white underneath, familiar in winter; applied to various other birds that appear in winter; one of these birds; a person who regularly moves to, or holidays in, a warmer climate in winter; a cocaine addict or user.آمريڪي جهرڪي، سياري وارا يا برفاني پکي، برفاني ڦوسڙي پکي، ڦدي پکي، لاڏائو ماڻهو، سياري ۾ گرم علائقن ۾ وڃي رهڻ وارو ماڻهو، ڪوڪين جو موالي.

snow blindness (سنوبلائينڊنيس) **n** amblyopia caused by excessive exposure to ultraviolet light reflected from snow. برف تي هلڻ سان الٽرا وائلٽ ٿيڻ يا برف ڪوري.

snowblink (سنوبلنڪ) **n** a reflection from fields of snow, like iceblink. برفاني پاڇو، برفاني ترورو.

snowblower (سنوبلوئر) **n** a snow-clearing machine which takes in the snow in front of it and blows it to the side of the road..برف ڪڍڻ يا صاف ڪرڻ واري مشين.

snow board (سنو بورڊ) **n** a horizontal board fixed above a roof gutter to prevent snow falling off in a mass. برف کان بچڻ لاءِ ڇت جي پاسن سان لڳل تختو.

snow boarding (سنو بورڊنگ) **n** skiing on a snow-board, a board, similar to a skateboard but without wheel, on which the user balances, guiding the

board with movements of the feet and body.ٿيڻ ڪان سواء برف تي ترڪڻ لاءِ تاڪ يا تختو. برفاني چاڪڙي يا ڪاٺيءَ جي جتي.

snowboot (سنوبوٽ) **n** a boot or overshoe for walking in snow. برف تي هلڻ لاءِ بوٽ.

snowbound (سنوبائونڊ) **adj.** shut in or prevented from travelling by snow. برف تي هلڻ کان روڪيل يا منع ٿيل.

snowbox (سنو باڪس) **n** a theatrical apparatus for representing a snowfall. ناٽڪ ۾ برف ڪيرائڻ لاءِ اوزار.

snow brake (سنوبريڪ) **n** a fern with dark green fronds marked with greyish-white along the midrib. فرن جو قسم. فرن ٻوٽو.

snow-broth (سنوبراٿ) **n** melted or melting snow.رجيل يا پگهريل برف.

snow bunting (سنو بنٽنگ) **n** a black-and-white (in summer partly tawny) bunting, of the arctic regions. ٻوڙي پکي. جهار جهرڪي. برفاني ٻوڙي پکي.

snow bush (سنوبش) **n** a small evergreen shrub, having rounded green leaves with white marbling; any of several white-flowered ornamental N. American shrubs.سدائين ساوو اڇن گلن وارو ٻوٽو. برفاني ٻوٽو. سفيد ٻير ڦل ٻوٽو.

snow cap (سنوڪئپ) **n** a cap of snow as on the polar regions or a mountain-top.برفاني ٽوپي يا برفاني جبلن جي چوٽي.

snow drift (سنوڊرفٽ) **n** a bank of snow drifted together by the wind. برف جو وهڪرو يا ڦارا. برف ڦارا. برف موج.

snow drop (سنو ڊراپ) **n** a drooping white flower of early spring, or a plant of the amaryllidaceae family that bears it. گل چاندني. گل چاندني ٻوٽو.

snow-dropper or **snow-gatherer** (سنوڊراپر آر گيدرر) **n** a linen thief. ڪپڙن جو چور.

snowdrop tree (سنوڊراپ ٽري) **n** the fringe tree; any of several American styraceous trees or shrubs with white, pendent bell-shaped flowers.چانڊني وڻ يا ٻوٽا. اڇن گلن وارا ٻوٽا.

snow eyes (سنو آئيز) **n** an Innuit device to prevent snow blindness, a piece of wood with slits.هڪ اوزار جنهن رستي اکين کي برف ڪوريءَ کان بچائي سگهجي. ڪاٺ جي چيڙي.

snow fall (سنو فال) **n** fall of snow; the amount falling in a given time.برفباري. برف جو ڪرڻ. برف بازي. يخ بازي. برف جو مينهن يا بارش.

snow-fed (سنو فيڊ) **adj.** (of a stream) begun or increased by melted snow.برف جي ڳرڻ تي وهندڙ نئن يا واهڙ.

snow fence (سنو فينس) **n** a paling fence erected to prevent snow drifting on to a road, railway, etc.برف کان بچاءَ لاءِ لوڙهو يا جنگلو.

snow field (سنو فيلڊ) **n** a wide expanse of snow, esp where permanent.برفاني علائقو. سدائين برف سان ڍڪيل زمين ۽ ملڪ.

snow finch (سنوفينچ) **n** an Alpine bird like the snow bunting.جابلو پکي. جابلو يا برفاني علائقي جي جهرڪي. جهار پکي.

snow flake (سنوفليڪ) **n** a feathery clump of snow crystals; any of several flowering plants of the genus Leucojum, cultivated for their white or pink flowers that resemble the snowdrop; the snow bunting..برف جو ڍير. برف جي چاٽ. برفاني چاپ. برف تهه. برف ڳڙو. اڇن ۽ گلابي گلن وارا ٻوٽا. اڇي جهرڪي. جهار جهرڪي.

snow flea (سنوفلي) **n** a springtail living in or on snow. برف ۾ رهندڙ جيت.

snow-goggles (سنوگاگلس) **n** goggles to guard against snow blindness; snow-eyes.برف جي ترورن کان بچڻ لاءِ عينڪ.

snow goose (سنو گوز) **n** a white Arctic American goose with black-tipped wings.برفاني هنس يا ڦاز. برفاني هنج. اڇو هنج يا ڦاز پکي.

snow gun or **cannon** (سنو گن) **n** a device for spreading artificial snow on to ski slopes.جابلو علائقي ۾ برف پکيڙڻ لاءِ اوزار.

snow hole (سنوهول) **n** a hole dug in snow as a temporary shelter. برف ۾ کڏو يا سوراخ.

snow-ice (سنو آئيس) **n** ice formed from freezing slush or compacted snow. برف جي ملائي. سخت برف جو ڳنڊو.

snow-in-summer (سنوان سمر) **n** a white flowered mat-forming garden mouse-ear chickweed.اڇن گلن وارو باغ جو ٻوٽو.

snow job (سنو جاب) **n** an attempt to mislead, persuade or convince by means of insincere or flattering words, inaccurate or complex information, دوکو ڏيڻ. گمراهه ڪرڻ. غلط چاڻ ڏيڻ. اجائي ڏيکو ڪرڻ. غلط يا منجهائيندڙ معلومات ڏيڻ.

snow leopard (سنوليوپرڊ) **n** the ounce, an animal related to the leopard found in the mountainous regions of Central Asia.جابلو چيتو. اڇو چيتو جانور. برفاني چيتو جيڪو پاڪستان ۾ به ملي ٿو.

snow line (سنولائن) **n** the level or line above or beyond which an area, esp an upland area, is under permanent snow. برفاني علائقو. برف حد. برفاني قطار. برف لڪير جتي هميشه برف هوندي آهي.

snowman (سنومئن) **n** a figure resembling a person fashioned from packed snow; big-foot; the abominable snowman. برف مان ناهيل ماڻهو. برفاني مَاڻهو. برفاني علائقن جو ديو مالائي انسان. برفاني ديو. برفاني گوريلو يا بن مانس.

snow mobile (سنو موبائيل) **n** a motorized sleigh or a tractor like vehicle capable of travelling over snow. برف تي هلندڙ گاڏي يا مشين.

snow-on-the mountain (سنو آن دي ماؤنٽين) **n** a N American annual plant, cultivated for its ornamental leaves which become edged and veined with white as the plant matures. اتر آمريڪي ساليانو موسمي بوٽو جيڪو اُن جي سهڻن پنن ڪري پوکيو ويندو آهي.

snow partridge (سنو پارٽرج) **n** a mainly white partridge. اڇو تتر يا چڪور. برفاني تتر.

snow pea (سنو پي) **n** another name for the mangetout or sugar pea. منو مٽر ۽ ان جو بوٽو.

snow plant (سنو پلانٽ) **n** a red Californian saprophyte of the wintergreen family that grows through snow in mountainous regions; the organism of red snow. جابلو برفاني بوٽو. برف ڪائي. ڳاڙهي برف جو جزو.

snow plough (سنو پلو) **n, vi** an implement for clearing snow from roads and railways; a skiing position in which the skis form a V, with the tips touching, used to slow down or stop; (in skiing) to assume the snowplough position. برف صاف ڪرڻ لاءِ ڪوڏر يا هر جهڙو اوزار. برف تي گسڻ يا ترڪي لهڻ جو هڪ طريقو. برفاني چاڪڙين کي ملائي بيهڻ.

snowscape (سنو اسڪيپ) **n** a snowy landscape; a picture of this. برف جو نظارو يا منظر. تصوير. چٽ.

snow shoe (سنو شو) **n, vi** a wooden or metal frame, broad at the front and tapering at the back, with a network of thongs, strapped to the foot for walking on snow; a ski; to walk or travel on snowshoes. برف تي هلڻ جو بوٽ. برف تي هلڻ لاءِ ڪاٺيءَ جو تختو. برفاني بوٽن سان هلڻ.

snowshoe rabbit or hare (سنو شو ربٽ آر هيئر) **n** a N American hare, white in winter, brownish with white feet in summer. اڇو سهو. برفاني سهڙ جيڪو سياري ۾ اڇو ۽ اونهاري ۾ پورو ٿيندو آهي. آمريڪا جو برفاني سهو.

snow slip (سنو سلپ) **n** a small avalanche of snow. ننڍي برفاني ترڪندڙ ڇپ.

snow storm (سنو اسٽارم) **n** a heavy fall of snow, esp with a high wind. برفاني طوفان. برفباري. يخ طوفان. لهري. برفاني جهڪ.

snow surfing (سنوسرفنگ) **n** the sport of skiing downhill on a large single ski controlled like a surfboard. برف تي هڪ چاڪڙيءَ سان گسڪڻ. هلڻ يا ڊوڙڻ واري راند.

snow-water (سنو واٽر) **n** water from melted snow. رجيل برف جو پاڻي. جبلن تي پيل برف جي رجڻ مان آيل پاڻي.

snow-white (سنو وائيٽ) **adj** as white as snow; spotless, pure. برف جهڙو اڇو. صاف. بي داغ. کيرالجهڙو.

snow-wreath (سنوريٿ) **n** a snowdrift. برف جو وهڪرو.

snowy (سنوئي) **adj** abounding or covered with snow; white, like snow; pure. اڇو. برفاني صاف. برف جهڙو اڇو. برفاڻو. برف پريل. برفائون. نرمل. هر وان.

snowy owl (سنوئي آؤل) **n** a great white owl of northern regions. اڇو آلو. برفاني چبرو. گگ پکي. چپ.

snub (سنَب) **vt, n** to rebuke; to take up, cut short, rebuff, in a humiliating or mortifying manner; to check or stop; to bring to a sudden stop, eg to bring (a boat, unbroken horse) to a stop by means of a rope secured to a post or stake; to cut or break short; an act of snubbing; a check; a snub nose; a stub, snag, knob; flat, broad, blunt and turned up. چڙٻڻ. دٻائڻ. جهڙڪڻ . بي عزتي ڪرڻ. روڪڻ. ٻيڙيءَ يا جهاز جو رستو روڪڻ. چؤ چؤ ڪرڻ. چڙٻ. دَٻَ. روڪ. بي رخي. مٿي وريل. ڦريل.

snubber (سنبر) **n** one who snubs; a device for stopping a rope; a shock absorber. دٻائيندڙ. روڪيندڙ. ڌڪ روڪ اوزار.

snubbish or snubby (سنبش) **adj** inclined to snub or check; somewhat snub. دابي وارو. دڙڪي وارو. دهمان وارو. دب دبي وارو. رعبدار. رعب تاب وارو.

snubbing post (سنبنگ پوسٽ) **n** a post for passing a rope round, so as to stop a boat or horse. جهلڻ يا روڪڻ وارو ڪلو يا ٿل.

snub cube (سنب ڪيوّب) **n** a polyhedron obtained by repeated truncation of a cube, have 38 faces, six of which are squares, the rest being equilateral triangles. گهڻن منهين شڪل جنهن ۾ ٣٨ منهن هُجن. جن مان ڇهه چوڪنڊا ۽ باقي ٽڪنڊا منهن هوندا آهن. ڇنيهہ رُخو.

snub nose (سنب نوز) **n** a short, blunt turned-up nose. منو يا بينو نڪ. ٺنو.

snub nosed (سنب نوزڊ) **adj** having a snub nose; having a blunt end or front; snub-nosed crocodile; snub-nosed monkey etc. بينو، مِنو، سنڌي يا لسي منهن وارو، سنڌي منهن يا پيچڙ وارو، بيني نڪ وارو، چينو، سنڌي واڳون، ڪول نڪ وارو واڳون، ڪولي ياچپيل نڪ وارو پولڙو وغيره.

snudge[1] (سنج) **vi,** to be snug and quiter.ڪر سخن، ڪهت ڳالهائڻ عادت يا طبيعت وارو، خاموش رهندڙ، ميسوڻو، مانيٺو، بيٺل پاڻي.

snudge[2] (سنج) **vi, n** to save in a miserly way; a mean stingy person.ڏکيائيءَ سان بچائڻ، ڪنجوسائپ کان ڪم وٺڻ، ڪنجوس، مطلبي ماڻهو، خود غرض، مفاد پرست.

snuff[1] (سنف) **vi, vt n** to draw in air violently and noisily through the nose; to sniff; to smell at anything doubtfully; to take snuff; to draw into the nose; to smell, to examine, suspect, or detect by smelling; a powdered preparation of tobacco or other substance for inhaling through the nose; a pinch of snuff or act of snuffing; a sniff; resentment, huff.سنگهڻ، نڪ ۾ اندر ليئڻ، نڪ رستي زور ۽ آواز سان ساهه کڻڻ يا سڙڪڻ، ناس يا نشي وارو مادو سڙڪڻ، جاچ ڪرڻ، سنگهي ڏسڻ يا جاچڻ، ناس ڏيڻ، ناس سنگهڻ، ناس جي چپٽي ڏيڻ، زور سان سنگهڻ، شڪ واري حالت ۾ سنگهي جاچ حاصل ڪرڻ، ناس، نسوار، تماڪ، ناس جي چپٽي، اعتراض، اڻ وڻائي، تيسو، خار، روسامو، خفو، ڪاوڙ، ضمو.

snuff[2] (سنف) **n. vt** the sooty burnt part of a wick; a worthless or offensive residue; a heel-tap; to remove the snuff from; to make brighter; to put out as with snuffers..ٻلو، سڙيل ٽڪرو، ٻلو لاهڻ، چانڪڻ، چمڪائڻ، ٻلن سان وسائڻ.

snuff box (سنف باڪس) **n** a small lided (usu metal) box for snuff. ناس جي دبلي، ناس داني.

snuffbox bean (سنف باڪس بين) **n** the cacoon.جيت جو مٿيون يا ٻاهريون ڪوپو، ڪوپي بند جيت، ڪوپو جنهن ۾ جيتن جا ڪچا ٻچا پرورش پائيندا آهن.

snuff-colour or **snuff-brown** (سنف ڪلر آر سنف براڻون) **n** a yellowish or greyish brown, slightly paler than bistre. ڦڪانجهڙو ناسي، پورو ناسي.

snuff-dipping (سنف ڊپنگ) **n** the practice of rubbing the teeth and gums with a wet stick dipped in snuff; the practice of sucking a pinch or sachet of snuff held between the gum and the inside of the cheek..وات ۾ ناس ڏيڻ، ڏندن ۽ ڏاڙن کي ناس جي چپٽي مهڻ، وات ۾ نسوار رکڻ.

snuffer (snuffers) (سنفر) **n** an instrument like a pair of scissors for removing snuffs from the wicks of candles or oil-lamps; an instrument with a cap-shaped part for extinguishing candles; an attendant, esp in a theatre, who snuffed candles.ٻلو ڪپڻ جي ڪينچي، ٻلي لاهڻو، ميڻ بتين ياتيل بتيءَ مٿان ٺهندڙ ڪارٺ لاهڻ لاءِ اوزار، ميڻ بتين وسائڻ جو ٽانڊ يا اوزار، سئنيما يا ٿيٽر ۾ نوڪر يا مددگار ملازم جيڪو ميڻ بتيون وسائي.

snuff-film, movie or video (سنف فلم، مووي آر ويڊيو) **n** an illegal pornographic film or video recording depicting scenes of violence and torture climaxing in the actual killing of an unsuspecting member of the cast.غير قانوني ۽ اگهاڙي فلم، جنسي منظرن سان ڀريل فلم، مارڌاڙ سان ڀرپور فلم، خون يا قتل تي مبني فلم.

snuffle (سنفل) **vi, vt** to breathe hard or in an obstructed manner through the nose; to sniff; to speak through the nose; to sniff; to say or utter nasally; an act or sound of snuffling; a snuffling tone; cant; an obstructed condition of the nose, esp in infants.نڪ مان ڳالهائڻ، گهڻو ڳالهائڻ، سڙڪار، ڇڪون ڏيڻ، سڙڪ سڙڪ ڪرڻ، گهڻو ڳالهاءِ ، گهڻو آواز ڪيندڙ، مڻائڻ، دَمُ، ڪپٽ، نڪ بند هئڻ واري حالت خصوصاً ٻارن ۾.

snuff mill (سنف مل) **n** a factory or a hand-mill for grinding tobacco into snuff; a snuff-mull.تماڪ پيهڻ لاءِ جنتر، ناس ٺاهڻ واري مشين، ناس جي دبلي.

snuff-mull (سنف مل) **n** a snuffbox. ناس جي دبي، دبلي.

snug (سنگ) **adj, n, vt, vi.** lying close and warm; comfortable; sheltered; not exposed to view or notice; in good order; compact; fitting close; a snuggery; to lie close; to make snug; to stow away snugly..ليٽيل، آرام سان ويٺل، لڪل، آسودو، سنهنجو، سکيو، پوشيدو، ڪوسو، ڪرمرو چيٺل، دٻيو، ڪڇيو، بلمڪتو، خلاصو، محفوظ، امن وارو، سانتيڪ، ويجهو ٿي ويهڻ، ڪسڪائي ڪٺي وڃڻ، پوشيدو ڪري ڇڏڻ.

snuggery (سنگري) **n** a snug room or place, esp a bar-parlour or a separate small compartment in a bar. آرام واري جاءِ يا ڪمرو، هوٽل ۾ پاساهون ۾ آرامده ڪمرو، شرابخاني جو هڪ حصو.

snuggle (سنگل) **vi, vt** to nestle; to hug close; to wrap close. سوڙهو ٿي ويهڻ، بغل گير ٿيڻ، سوڙهو ويڙهڻ.

snush (سنش) **n, vi & vt** snuff; to snuff.ناسَ سنگهڻ، ناس ڏيڻ.

snuzzle (سنزل) **vi** to grub or root; to rub or poke and sniff; to nuzzle. اکيڙڻ، پاڙ ڪڍڻ، ناس ڏيڻ، سنگهڻ.

snye or sny (سناءِ) **n** a side channel of a river.پاسيرو وهڪرو، درياهه جو ڇاڙهه، ڇنڊڻ.

so (سو) **adv** merging in conj or interj in this, that, or

such manner, degree, or condition; to such an extent; likewise; accordingly; well; therefore; in due course, thereupon, thereafter; as; so ever; thus; for the same or the said reason; in a high degree; as has been stated; provided; in case; in order that; be it; that will do; very good; so what ? ايئن، هونءَ تيئن، تنهن ڪري، اهڙيءَ طرح، هن طرح، اهڙو، ائين ئي سهي، واقعي ايڏو، اهڙو، ايترو، هيترو، ڏاڍو، بلڪل، تهڙو، چڱو ڀلا، تڏهن، تهڙي ريت، تنهنڪري، اوئين، خير ۾ سو.

so-and-so (سوائنڊسو) **adj, n** this or that person or thing; such-and-such a person or thing; used to replace a descriptive oath..فلاڻو شخص، هيئن نه هيئن، آمڪو، ليرو، قسم يا حلف وانگر چيل لفظ.

so-called (سوڪالڊ) **adj** styled thus, usu implying doubt or denial of the meaning or implications of the following term, or a wish to disassociate oneself from the implications of the term. هٿ ٺوڪيو، نام نهاد، جو چوڻ ۾ ته اچي، اهو، عام طور چوٽيءَ وارو لفظ.

soak (سوڪ) **vt, vi & n** to steep in a liquid; to drench; to saturate; to absorb; to draw through the pores; to bathe thoroughly; to beat, pummel; to overcharge, tax heavily; to be steeped in a liquid; to drink alcohol to excess; to soften by heating; the process or act of soaking; a marshy place..پچائڻ، پسائڻ، بوڙڻ، ترڪرڻ، چوسڻ، ڇُهڻ، ابوهڻ، پي وڃڻ، گهڻو شراب پيئڻ، چوسجڻ، پسڻ، ڳچڻ، جذب ڪرڻ، سمائڻ، آلو ڪرڻ.

soakage (سوڪيج) **n** the process or period of soaking; liquid that has percolated..جذب ٿيڻ، نفوذ، ڦهلاءُ، رساءُ، ريج، جذب ٿيل.

soakaway (سوڪ اوي) **n** a depression or excavated pit into which water percolates..روڻ يا ڏرڙ، سر جو ڪـلو، سمنڊڙ يا رسندڙ کڏ، ڳهاڙ.

soaker (سوڪر) **n** one who or a thing that soaks; a small piece of sheet lead used to form a watertight joint with slates or tiles at a chimney or wall where it projects above the surface of a roof.جذب ڪندڙ، چهندڙ، پسائيندڙ، جاذب، گهڻو شراب پيئندڙ، شرابي، مٽي خور، بخاريءَ يا چمنيءَ جو مٿي نڪتل حصو جيڪو ڇانيءَ ڪي اندر داخل ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ شيهي جي سرن يا ان قسم جي مادي سان ڍڪيو ويندو آهي.

soap (سوپ) **n, vt.** an alkaline salt of a higher fatty acid; a compound of sodium or potassium which reacts with water to produce a lather that acts as a cleaning agent in washing; smooth words, flattery; money, esp used for bribery and other secret political purposes; girls or women collectively, esp as sex objects; a soap opera; to rub with soap; to flatter.صابڻ، چاپلوسي، چاپلوسي ڪرڻ، صابڻ مکڻ، صابڻ لائڻ، صابڻ سان ڌوئڻ، صفائي ڪرڻ وارو مادو، رشوت طور ڏيڻ واري رقم، ڇوڪريون، عورتون خصوصاً جنسي رانديڪي طور، جنسي سڪون واريون شيون، عشقيه ڊرامو يا ناٽڪ.

soap ball (سوپ بال) **n** soap made into a ball, often with starch, as an emollient.صابڻ جي ڇڪي، صابڻ جي گول ڇڪي.

soap bark (سوپ بارڪ) **n** a S American rosaceous tree, or its bark, used as a substitute for soap.صابڻ جهڙو مادو ڏيندڙ وڻ ۽ ان جو ڇوڏو، ريٺو ٻوٽو.

soapberry (سوپ بيري) **n** the fruit of a S American tree, or related species, used as a substitute for soap. ريٺو ٻوٽو، آريٺو ٻوٽو.

soap box (سوپ باڪس) **n** a box for packing soap; such a box used as an improvised platform by a speaker or campaigning politician in the street.صابڻ دائي، صابڻ جي پيتي، ڪاٺ جو ڪوڪو.

soap bubble (سوپ ببل) **n** a globe of air enclosed in a film of soap suds..صابڻ جي جهڳ يا ڳج، صابڻ جو ڦوٽو، صابڻي ٻلبلو، صابڻي بوڙيو.

soap opera (سوپ اوپيرا) **n** a sentimental, melodramatic radio or television serial concerned with the day-to-day lives of the members of a family or other small group; broadcast drama of this sort.ماڻهن جي عام زندگيءَ جي مسئلن تي پيش ٿيندڙ روزانو يا لاڳيتو پروگرام، عشقيه ڪهاڻيءَ تي مبني سلسليوار ڊرامو يا ناٽڪ رنگ.

soap powder (سوپ پائوڊر) **n** powdered soap, esp with additives. صابڻ جو چورو، صابڻ جون سَيون.

soap root (سوپ روٽ) **n** any of certain species of plants whose roots can be used as a substitute for soap.ٻوٽي جو قسم جنهن جو پاڙون صابڻ طور ڪم اچن جيئن سنڌ ۾ جهل وٽو الهيءَ ڪم ۾ ايندو آهي.

soap stone (سوپ اسٽون) **n** a popular name for steatite or French chalk, a compact kind of talk with a greasy or soapy feel.ابرق، سنگ صابڻ، سڻيو يا صابڻي صورت وارو.

soap suds (سوپ سڊس) **n** soapy water, esp when frothy. ڳج، صابڻ وارو پاڻي، آب صابڻ، صابڻي ڏرڙا.

soap test (سوپ ٽيسٽ) **n** a test for determining hardness of water by amount of standard soap solution required to make a lather.صابڻ چڪاس، پاڻيءَ جي سٽي يا استعمال لائق هئڻ جي صابڻ سان چڪاس، ڳج ٺاهڻ لاءِ صابڻ جي

ڳار يا محلول جو معياري مقدار.

soap tree (سوپ ٽري) n the soapbark tree, the soapberry tree, or other yielding saponin.صابڻ وانگر ڳج ڪندڙ ڇوڏي وارو وڻ. صابڻي ول.

soap wort (سوپ ورٽ) n a tall herb of the pink family, whose roots and leaves contain saponin.صابڻ جو بوٽو. صابڻي خمير (بوٽو). صابڻي بوٽو. آريٺو.

soar (سور) vi, vt to rise or fly high in the air; to rise to a great height; to glide high in the air, esp on a rising current; to increase rapidly in number of amount; to reach, traverse or accomplish in upward flight.اوچو وڃڻ. اوچو ٿيڻ. اڏڻ. اڏامڻ. مٿي چڙهڻ جيئن وڏا پکي اڏامندا آهن خاص ڪري ڀيڻ. عقاب. ڳجهه. باز. هنج. ڪونج ۽ ٻيا پکي. مٿي ٿيڻ. وڌڻ. بلند پرواز. اڏامي مٿي چڙهي وڃڻ. اوچا خيال ڪرڻ. بلند پرواز ڪرڻ.

soar away (سور اوي) adj making spectacular progress. تمام گهڻو وڌي وڃڻ. تمام تکڙي ترقي ڪرڻ.

soay (soay sheep) (سوئي) n a breed of small, wild, dark-coloured sheep found esp on the island of soay in the outer Hebrides; one of this breed.ننڍي رڍ جو قسم. گهري رنگ وارو ننڍڙو جهنگلي رڍيو نسل. گاڏڙ نسل جي هڪ رڍ جنهن ۾ نر ۽ مادي ٻنهي ۾ سنگ هوندا آهن.

sob (ساب) vi, vt to catch the breath convulsively in distress or other emotion; to make a similar sound; to weep noisily; to utter with sobs; to bring (oneself) to a certain state by sobbing.سڏڪا ڀرڻ. ڦٿڪڻ. سڏڪو. سڏڪي جهڙو آواز ڪڍڻ. زور سان روئڻ. پار ڪڍڻ. سڏڪا ڀري ساڻو ٿيڻ.

sober (سوبر) adj, vt & vi not drunk; temperate, esp in use of intoxicants; moderate; restrained; without excess or extravagance; serious; sedate; quiet in colour; sombre; sane, rational; poor, feeble; to make sober; to become sober.اڻ پيتل. شراب کان پرهيز ڪرڻ وارو. متقي. پرهيز گار. سالم. سرت وارو. نهٺو. ڌيرج وان. قائم مزاج. ديرلو. وچٿري وات وٺندڙ.نمتو. قرياڪو. هوشيار. گنڀير. سنجيدو. اُبهرائيءَ کان پاسو ڪندڙ.

sober-mindedness (سوبرمائينڊيڊنيس) n the state of being soberminded; freedom from inordinate passion; calmness. ماٺيائي. غير جذباتيت. سنجيدگي. بردباري.

soberness or sobriety (سوبرنيس ٓر سوبرائٽي) n the state or habit of being sober; calmness; gravity.نهر وارو سڀاءُ. ڪري جڳت. هوشياري. ڌيرج. گنڀيرتا. ديرينائپ. سنجيدگي.

sobersides (سوبرسائيڊس) n a sedate, serious-minded and solemn person.سنجيدو. قائم مزاج. ديرينو. غير جذباتي.

جذباتيت کان عاري. اُبهرائيءَ کان پاسو ڪندڙ. نهٺو. بُردبار.

sobole or soboles (سوبول آر سوبولس) n a creeping underground stem producing roots and buds.اوتيڙو. اوڏ. زير زمين ڦهلجندڙ يا پکڙندڙ ٻوٽو. زمين اندر ول ٻوٽو.

sobranje (سوبرنجي) n the National Assembly of Bulgaria. بلغاريہ جي قومي اسيمبلي.

sobriquet or soubriquet (سوبري ڪيٽ) n a nickname; an assumed name (Fr).چيڙ. ٺڳرادو نالو. آل. عرفيت. تخلص. لقب.

sob sister (ساب سسٽر) n an actor or writer who seeks to arouse sentimental feelings in his or her audience, readers; a journalist who answers questions in a woman's magazine.جذباتي ليکڪ. جذباتي ڊرامو يا ناٽڪ لکندڙ. جذباتي اداڪاري ڪندڙ اداڪار. عورتن جي رسالي ۾ سوالن جا جواب ڏيندڙ صحافي.

sob stuff (ساب اسٽف) n cheap and extravagant pathos, to stir tears; maudlin or highly sentimental stories, films or scenes.اجايو ۽ ڇسو روڄ پٽڪو يا راڙو. جذباتي اداڪاري يا ڊرامي بازي. ڳوڙها وهائڻ. جذباتي ڪهاڻي. جذباتي منظر.

soc (سوڪ) n the right of holding a local court.فيصلي جو حق. مقامي طور عدالت لڳائڻ جو حق. پنچائت جو حق. جرڳي جو حق. مڪاني عدالت ۾ ڪاهڻ جو حق.

soca (سوڪا) n a variety of Caribbean calypso music. ڪيريبين موسيقيءَ جو نمونو.

socage or soccage (سوڪيج) n feudal tenure of lands by service fixed and determinate in quality (other than military service); a payment made by a socager.ڊل يا ٻنڌياڻ جي عيوض خدمت ڪرڻ وارو مقاطعو. مقاطعي طور مليل رقم.

socager or socman (سوڪيجر) n a tenant by socage. جنس يا خدمت طور ڪرايہ دار. مسواڙي. خراج ڏيندڙ.

soccer (سوڪر) n association football.سرڪاري طور قائم يا منظور ڪيل فٽ بال ٽيم يا تنظيم. آمريڪا ۾ فٽ بال راند لاءِ عام نالو.

socceroos (سوڪروس) n, pl. the Australian national association of football team. آسٽريليا جي قومي فٽ بال ٽيم.

sociable (سوشيبل)adj, n tending to live in groups or communities, rather than in isolation; companionable; favourable to social intercourse; friendly, fond of others' company; a four-wheeled open horse-drawn carriage with side seats facing each other; a seat, tricycle, aeroplane, for two people side by side; a social; sociable plover (bird). ملنسار. رلڻو ملڻو. مجلسي. صحبتي. دوستالو. خليق. ميلاپي. آمهون سامهون

سهڻ واري بکي يا ٽالگو. ٽن ڦيٿن واري پير گاڏي. سهڪاري. سماج پسند. سماجي. اجتماعي. سماجڪ. معاشرتي. آشنا مزاج. صحبت پسند. يار ويس. سخن دوست. سهڪاري ليٿو بکي. يورپ ۽ ايشيا جو هڪ سهڻو ليٿو بکي جيڪو پاڪستان ۾ به ملي ٿو.

social (سوشل) adj, n relating to life in an organized community; relating to welfare in such a community; growing or living in communities; relating to, or characterized by, friendly association; convivial; gregarious, sociable; relating to fashionable circles; sympathetic; an informal party or gathering of a club, church; social security..سماج. معاشرو. صحبتي. سماجڪ. گڏجي رهندڙ. سماجي. معاشرتي. اجتماعي. رلڻو ملڻو. همدرد. هڏ ڏوکي. سماج سنبندي. پنگتي. سهڪاري. ڪلب جي سهڪاري يا غير رسمي گڏجاڻي.

social anthropology (سوشل اينٿرو پالاجي) n the branch of anthropology which deals with the culture, customs and social structure of primitive societies. انسان ذات سان لاڳاپيل سماجي. اجتماعي. اخلاقي. تهذيبي ۽ ثقافتي مسئلن جو علم يا ڄاڻ. علم الانسان جي سماجي شاخ جيڪا انساني ارتقا. تهذيبي ۽ ثقافتي مسئلن جو ابياس ڪري. علم بشريات جو سماجي پهلو.

social climber (سوشل ڪلائمبر) n a person who tries to become accepted into a higher social stratum by a deliberate policy of getting to know and associating with people belonging to it.مٿاهين طبقي سان لهه وچڙ رکندڙ ماڻهو (جيڪو انهن بابت چڱي ڄاڻ رکندو هجي).

social contract or compact (سوشل ڪانٽريڪٽ آر ڪمپيڪٽ)n the voluntary agreement between individuals upon which an organized society, its rights, functions and relationships within it are founded.سماجي معاهدو جيڪو فردن جي وچ ۾ ٿئي جنهن جي بنياد تي منظم سماج ۾ سندن حق. فرض. ڪم ۽ رشتا طئه ڪيا ويندا آهن. سماجي پنڌڻ. ثقافتي تعلقات. معاشرتي رشتا. معاشرتي ۽ ثقافتي حق ۽ واسطا.

social credit (سوشل ڪريڊٽ) n a movement stressing the element of unearned increment in the returns of industry and advocating the achievement of social well-being by the stable adjustment of production and consumption through monetary reform; a theory that the government should distribute national dividends in order to spread purchasing power and thus increase consumption (regarded as a benefit).صنعتي تعلقات ۾ بهتري آڻڻ جو اصول. حاصل ذريعن کي بهتر نمولي استعمال ڪرڻ ڪري حاصل ٿيندڙ فائدي مان ٻين کي به فائدو ڏيڻ جو اصول. ورهائي ڪائڻ وارو طريقو. اشتراڪي طريقو. سماجوادي طريقو. معيشت جو عمل پرپو طريقو.

social democracy (سوشل ڊيموڪريسي) n the practices and policies of socialists who believe that socialism can and should be achieved by a gradual and democratic process.سماجي جمهوريت. سماجي تعلق ۾ رهڻ جو اصول. جمهوريت ذريعي سماجوادي نظام جي حصول جي رٿا. معيشت کي عمل پرپي طريقي سان هلائڻ.

social dumping (سوشل ڊمپنگ) n the practice of reducing wage rates and conditions of employment in order to attract or keep investment.سيڙپ وڌائڻ خاطر پگهارون ۽ سهوليتون گهٽائڻ وارو طريقو.

social engineering (سوشل انجنيئرنگ) n the furtherance of social change and the development of social institutions in accordance with an overall plan.سماجي پلاٽيءَ لاءِ منصوبو. سماجي ماحول کي بهتر ڪرڻ لاءِ ادارن جي نئين سر تدوين يا ترتيب.

social evil (سوشل ايول) n. prostitution; any factor which has a damaging, unhealthy or negative effect on or with society as a whole..زنا. حرام ڪاري. گناهه. ڪا به سماجي برائي جيڪا سماج لاءِ نقصانڪار. غير صحتمند ۽ منفي هُجي. بد پيشو. ڪسب. ايمان وڪڻڻ.

social insurance (سوشل انشورنس) n. state insurance by compulsory contributions against sickness, unemployment and retirement.سماجي ويمو. سرڪاري طور نافذ ڪيل ويمي جو نظام.

socialism (سوشلزم) n the theory, principle, or scheme of social organization which places the means of production of wealth and the distribution of that wealth in the hands of the community.اهڙو نظام جنهن ۾ دولت ۽ پيداوار جا سڀ ذريعا سماج جي گڏيل ملڪيت ۾ هُجن. علم معاشرت. پائيچارو. سماجي هڪ جهڙائي. سماج واد. سمشٽ واد. سماجيت. معاشريت. اجتماعيت. اشتراڪيت.

socialist (سوشلسٽ) n a supporter of socialism; a member of a socialist party or movement.سماجي هڪ جهڙائي چاهيندڙ. سماجوادي. سماج سڌارڪ. اشتراڪي. سماج ماهر. سياسي. سماجي يا سماجوادي جماعت جو رڪن.

sociality (سوشلٽي) n the quality or fact of being social; social relations, association, or intercourse; sociability; a social function or formality.سماجي ڳانڍاپو. سماجي تعلق. سماج پسندي. سماجي گهرائپ. سماجي گڏجاڻي.

socialization (-is-) (سوشيلائيزيشن) n the act or process of socializing; the process by which infants and

young children become aware of society and their relationship with others.سماج ۾ ڪلجي رهڻ جو عمل. ميل ميلاپ. سماج سازي، سماجي اخلاقيات ۽ طور طريقن کان آگاهه ڪرڻ جو سرشتو.

socialize (-ise) (سوشيلائيز) **vt, vi** to render social; to put on a socialistic footing; to behave in a sociable manner, eg at parties; to spend time in the company of others.سماج ۾ ميل ميلاپ وارو نظام يا سرشتو رائج ڪرڻ. پائيداري واري نظام ۾ داخل ڪرڻ.

social order (سوشل آرڊر) **n** the network of human relationships in society.سماجي نظام. سماج ۾ تعلقات يا لاڳاپن جو جار يا نظام.

social ownership (سوشل اونرشپ) **n** nationalization.قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جو عمل. گڏيل ملڪيت ۾ وٺڻ.

social realism (سوشل ريئلزم) **n** the realistic depiction of social conditions or political views in art.سماجي حقيقت. فن ۾ سماجي حقيقتون سامهون آڻڻ جو اصول يا عمل.

social science (سوشل سائنس) **n** the scientific study of human society and behaviour, including such disciplines as anthropology, sociology, economics, political science and history.انساني سماج ۽ روين بابت اڀياس جو علم جنهن ۾ علم الانسان، سماجيات، معاشيات، سياسيات ۽ تاريخ جا مضمون اچي وڃن ٿا. سماجي سائنس. علم سماج.

social secretary (سوشل سيڪريٽري) **n** one who is responsible for organizing the social activities of a person, club, association.سماجي حالتن کي ترتيب ڏيڻ وارو منشي، سماجي ناظر، منتظم، سماجي مسئلن کي سنڀاليندڙ. ڪنهن تنظيم يا جماعت ۾ سماجي سرگرمين جو منتظم. ڪميوار.

social security (سوشل سڪيورٽي) **n** security against sickness, unemployment, retirement, provided by a social insurance scheme; income support.سماجي تحفظ يا ڀلائي. ڪنهن اداري جي ملازمن کي بيمارين کان بچاءَ جو سماجي يا قومي ادارو. سماجي تحفظ وارو ادارو.

social service (سوشل سروس) **n** welfare work; the public bodies carrying out such work.سماجي ڀلائيءَ جو ڪم. سماجي خدمت.

social war (سوشل وار) **n** a war fought between allies.

سماجي جهيڙو. سماجي جنگ. سماجي ٻراين خلاف جهاد.

social work (سوشل ورڪ) **n** any of various forms of welfare work intended to promote the well-being of those regarded as socially disadvantaged.سماجي خدمت. سماجي ڪم. اجتماعي ڀلائيءَ لاءِ ڪيل عمل.

societe anonyme (سوسائٽي انانيم) **n** literally, anonymous society; joint-stock company (Fr). غير موجود يا نامعلوم سماجي جوڙجڪ وارو ادارو. گڏيل سهڪاري ادارو.

society (سوسائٽي) **n, adj.** fellowship, companionship; company; association; a community; the conventions and opinions of a community; the fashionable world; a corporate body; any organized association; of fashionable society..سنگت. سٿ. جماعت. پنگت. مجلس. ميلاپ. ساٿ. فرقو. گروهه. قوم. صحبت. سماج. معاشرو. منڊلي. سڀا. انجمن. شرڪت.

socio- (سوشيو) **n** combining form : denoting social, of or pertaining to society.مرڪب لفظ ڏيکاريندڙ اڳياڙي. جماعتي. گروهي. سماجي. سماج لاڳو.

sociobiology (سوشيو بايولاجي) **n** a scientific discipline combining biology and the social sciences which attempts to establish that social behaviour and organization in humans and animals has a genetic basis and is to be explained in terms of evolution and genetics.سماجي حياتيات. اهڙو سائنسي علم جيڪو انسان ۽ جانورن جي مخصوص حالتن، روين، طريقن ۽ ميل جول جي ارتقا بابت اڀياس ڪرڻ تي مبني آهي.

sociocultural (سوشيوڪلچرل) **n** combining social and cultural factors. سماجي ۽ ثقافتي عنصر.

socio-economic (سوشيو اڪانامڪ) **adj** relating to or concerned with the interaction of social and economic factors سماجي اقتصادي عنصر. سماجي معاشيات بابت.

sociogram (سوشيوگرام) **n** a chart representing personal inter-relationships within a social group. سماجي گروهه اندر ذاتي تعلق تي مبني نقشو يا چارٽ.

sociolect (سوشيوليڪٽ) **n** a variety of language used by members of a particular social class or group.سماجي ٻوليءَ جو نمونو. ڪنهن خاص سماجي گروهه يا جتي جو لهجو. ٻوليءَ جا لهجا يا لاڙا.

sociolinguistic (سوشيو لنگئسٽڪ) **adj.** of or pertaining to sociolinguistics; pertaining to language as it functions as a social tool.سماج ۽ سماجي لسانيات بابت. ٻوليءَ جي لاڳاپي بابت علم جو ذريعو. ڪنهن به سماج ۾ ٻوليءَ جي ڪارج جو مطالعو. ٻوليءَ جي استعمال جو اڀياس.

sociolinguistics (سوشيو لسنگئسٽڪس) **n** sing the study of language as it functions in society and is affected by social and cultural factors.سماجي ٻولين جو اڀياس يا علم. سماجي لسانيات. ڪنهن به سماج ۾ ٻوليءَ تي اثر انداز ٿيندڙ عنصرن جو مطالعو. ٻوليءَ جي هيئت ۽ ساخت جو اڀياس.

sociological or sociologic (سوشيو لاجيڪل آر لاجڪ) **adj** pertaining to sociology; dealing or concerned with social questions and problems of human society; social..انساني سماج بابت. عمراني. سماجياتي. سماجيات متعلق.

sociologism (سوشيالاگزم) **n** a concept or explanation

taking into consideration social factors only, disregarding others.سماجي عنصرن تي مبني معنيٰ يا وضاحت جنهن ۾ ٻين حالتن جو واسطو يا لاڳاپو نہ هجي.

sociology (سوشالاجي) n the study of the origin, development, structure and functioning of human society.الساني سماجي قدامت، تهذيب، ارتقا ۽ سرشتي بابت علم، علم تمدن، عمرانيات، سماجي علم يا معاشرتي علم، علم سماجيات، سماج وديا، علم معاشرت، شاستر سماج، پنگتي وگيان.

sociometry (سوشيو ميٽري) n the measurement of social phenomena; the study of personal interrelationships within a social group.سماجي ڏيک جي پڻمائش، سماج پيمائي،سماج اندر انفرادي ۽ گروهي لاڳاپن جو اپياس.

sociopath (سوشيوپيٿ) n a person suffering from a personality disorder characterized by asocial or antisocial behaviour, such as a psychopath..سوداءِ، خفتان، ذهني مريض جيڪو پاڻ کي موجود سماج کان جدا يا خلاف محسوس ڪري.

socio-political (سوشيوپوليٽيڪل) n combining social and political factors. سماجي ۽ سياسي عنصرن تي آڌاريل.

sock[1] (ساڪ) n a covering for the foot and part of all of the lower leg; an insole placed in a shoe for warmth, to improve the fit; a light shoe, worn by Greek Roman actors of comedy; a windsock; anything resembling a sock in shape or function.جوراب، رومي اداڪارن جا هلڪا جوتا، پيرن ۽ ننڍن لاءِ تنگ پوشاڪ، هوا جو طرف ڏيکاريندڙ گول جهندو، جوراب جهڙي بيهڪ واري شيءِ.

sock[2] (ساڪ) vt n to thrust hard; to strike hard; to drub, thrash; a violent blow, esp with the fist.زور سان اڇلائڻ، زور سان هڻڻ، ڌڪ، ٺڪ، پٽڪ، ٺڪ جو ڌڪ، زوردار ڌڪ، ٺهڪو، مڪو، ٺونشو.

sock[3] (ساڪ) n. a ploughshare. گهوبو، چوليُ قار، هر جي قار.

sockdologer or **sockdolager** (ساڪ ڊولوجر) n a conclusive argument; a hard or decisive blow; anything unusually big, a whopper. فيصلي ڪن دليل، آخري يا فيصلي ڪن ڌڪ، ڪا وڏي شيءِ، وڏي رڙ، واڪو.

socket (ساڪيٽ) n. a hollow into which something is inserted or into which something fits, such as the receptacle of the eye, of a bone, of a tooth, of the shaft of an iron golf club, the hollow of a candlestick; a device in which an electric plug or light bulb may be inserted to make a connection.اهڙي خال واري جاءِ جنهن ۾ ٻي شيءِ وجهي سگهجي، جيئن اک جو کوپو، هڏيءَ جو پيالو، ڏند جي جاءِ، ميڻ بتيءَ ۾ خال، بجليءَ جو پلگ يا بلب وجهڻ وارو ڪانچو، خانو، گهر، ڪَڍ، پيالو، چِلهي، اکري، ڏڏ وارو سنڌ، چوڙو، چلو، کوپو، سريج، ڪانچو، ڪٽورو، ڏرو.

socket chisel (ساڪيٽ چزل) n a robust chisel with a socketed metal shaft into which the wooden handle is fitted.چيٽي، هڪ وڏي چيٽي جنهن ۾ ڪاٺ جو ڳن پيل هوندو آهي.

socket head screw (ساڪيٽ هيڊ اسڪرو) n. a screw with a hexagonal recess in its head, turned by means of a hexagonal bar formed into a key.چابيءَ وارو پيچ، مٿي ۾ کانچي يا چير وارو پيچ.

socket spanner (ساڪيٽ اسپنر) n a spanner with a socketed head made to fit over a nut or a bolt. پانو.

socket wrench (ساڪيٽ رينچ) n a wrench with a handle to which a variety of socketed heads can be fitted. چنجور، پڪڙ، پلاس پانو.

sockette (ساڪيٽي) n a covering for the foot only.ننڍو جوراب.

sockeye (ساڪ آءِ) n. a Pacific salmon, of coastal areas from Japan to California.جپان کان ڪيليفورنيا تائين ساموندي پٽي يا ڪناري واري علائقي مان ملندڙ سامن مڇي.

socking (ساڪنگ) adj. huge, whacking..زوردار تيز يا ڌڪ، زبردست ٺونشو.

socle (ساڪل) n a plain face or plinth at the foot of a wall, column (Fr).بنياد واري بيهڪ، ٿلهي، ٿلهي جو هيٺيون حصو.

Socratic (سوڪريٽڪ) adj. n. pertaining to Socrates; to his philosophy, or to his method of teaching; a follower of Socrates.سقراط جو يا سقراط بابت، سقراط جو پوئلڳ، سقراطي.

Socratic irony (سوڪريٽڪ آئرني) n a means by which a questioner pretends to know less than a respondent, when actually he knows more.سوال ڪرڻ واري جو پنهنجي قابليت لڪائڻ خاطر ڪيل سوال تہ جيئن اڳلي جي قابليت جو اندازو ڪجي.

Socratic method (سوڪريٽڪ ميٿڊ) n a method of questioning unaffected by performed conclusions, used by Socrates to expose feeble arguments or develop latent ideas in his pupils.سقراطي فلسفي جو طريقو، سوالن جوابن جي ذريعي سيکارڻ جو عمل.

sod[1] (ساڊ) n, adj & vt a turf, usu one cut in rectangular shape; sward; the ground; of sod; to cover with sod. سائي ڌرتي، گاهہ مليل مٽي پنجو، زرخيز زمين، چمن.

sod[2] (ساڊ) n, interj. an obnoxious person; applied to man or boy, a woman or girl; a non-pejorative term for a chap or fellow; a term expressing annoyance, exasperation..ڪنو ماڻهو، بد تهذيب ماڻهو (عورت، مرد، چوڪرو يا چوڪري وغيره)، غليظ ماڻهو، بد فضيلتو، ڪاوڙ يا

غصو ظاهر ڪندڙ لفظ يا رويو.

soda (سوڊا) **n.pl.** any of a number of common sodium compounds, incl sodium oxide, sodium hydroxide, sodium carbonate and sodium bicarbonate; soda water; a fizzy drink made of soda water with flavouring, ice-cream; of or containing soda or sodium. سوڊا، ڪارو، ڪتو مٺو، سوڊا جو پاڻي، ابرندڙ ڪار، سوڊا جو ڦوڪيل پاڻي.

soda ash (سوڊا اَئش) **n** anhydrous sodium carbonate in powdered form for commercial use. سوڊا ڪار، ڌوٻي ڪار، سوڊا رک.

soda bread (سوڊا بريڊ) **n.** bread leavened with baking soda. سوڊا مليل ماني، خميري ماني.

soda fountain (سوڊا فائونٽين) **n.** an apparatus for supplying soda water; a shop or counter where sodas, ice-cream are served. سوڊا ڏيڻ جو اوزار، سوڊا جو دوڪان.

soda-lake (سوڊاليڪ) **n** a lake containing and deposing a large amount of sodium salts. ڪار يا لوڻ جي ڍنڍ يا ڪاڻ، لوڻياڻي پاڻيءَ جي ڍنڍ، لوڻ ڪاڻ.

soda-lime (سوڊالائيم) **n** a mixture of caustic soda and quicklime. خام چونو مليل سوڊا، سوڊا چونو، چونو.

sodalite (سوڊا لائيٽ) **n** a cubic mineral, a complex feldspathoid consisting of sodium aluminium silicate and sodium chloride in crystalline form, occurring in igneous rocks. ليري، ساڻي، گلابي يا ناسي قلمن بر نيم جواهر (پٿر)

soda pop (سوڊاپاپ) **n** a carbonated soft drink of any flavour. سوڊا جو شربت، سوڊا جو ڦوڪيل شربت.

soda scone (سوڊا، اسڪون) **n** a scone made with baking soda. خميري ڪوڪي يا ٽڪي، خميرو پيل معمولي ڪيڪ يا مٺي ماني.

soda-siphon (سوڊا اسفن) **n** a siphon which dispenses soda water. سوڊا جي بوتل پرڻ واري مشين.

soda-syphon (سوڊا سائفن) **n** a bottle from which carbonated water is dispensed by allowing the gas pressure to force it out. سوڊا جي بوتل پرڻ وارو اوزار، شربت بر سوڊا ملائڻ وارو اوزار.

soda water (سوڊا واٽر) **n** water (now commonly without sodium bicarbonate) charged with carbon dioxide. سوڊا جو پاڻي، سوڊا جو ڦوڪيل پاڻي، ڪارو پاڻي، سانجي جو پاڻي، ولائتي سوڊا.

sodden (ساڊن) **adj, vt, & vi** soaked thoroughly; boggy; doughy, not well baked; bloated or saturated with drink; boiled; to make or become sodden; to soak. تَر، ٻڏل، آلو، ڪچي يا اڌ پڪل ماني، گهڻو شراب پيتل، الوٽ، آلو ڪرڻ، زرخيز مٽي، اوپاريل، جوش ڏياريل، اوپارڻ، تَرڪرڻ.

sodium (سوڊيم) **n.** a bluish-white alkaline metal (symbol Na; atomic no 11), occurring in nature in combination, eg as a nitrate, chloride etc. ڪيميائي عنصر سوڊيم، (هي ڌاتو عنصر جانورن پر بدني رطوبتن جو اهم جزو ليکيو وڃي ٿو) لوڻياڻو پاڻ.

sodium amytal (سوڊيم امائيٽل) **n.** a sodium salt used as a barbiturate drug. سوڊيم لوڻ، لوڻياڻو مادو جيڪو ننڊ آور يا نشي آور دوا طور استعمال ٿيندو آهي.

sodium ascorbate (سوڊيم اسڪاربيٽ) **n** a compound used as a meat preservative and also in the treatment of vitamin C deficiency. سوڊيم جو مرڪب، ڪاڻن خاص ڪري گوشت کي گهڻو وقت رکڻ لاءِ استعمال بر ايندڙ ڪيميائي عنصر، وٽامن سيءِ جي ڪمي دور ڪرڻ خاطر ڪيميائي عنصر يا مادو.

sodium benzoate (سوڊيم بينزوئيٽ) **n** a compound used as an antiseptic and as a food preservative. جيت مار سوڊيم جو مرڪب، کاڌي کي بچائڻ وارو مادو.

sodium bicarbonate (سوڊيم باءِ ڪاربونيٽ) **n** a soluble white powder used in fire extinguishers and effervescent drinks and as a raising agent in baking. مٺي سوڊا، ڪاڙھ جي سوڊا، کاڌي واري سوڊا.

sodium carbonate (سوڊيم ڪاربونيٽ) **n** a soluble compound widely used in the making of glass, ceramics and as a cleaning agent. ڪار، ڌوٻي ڪار، سوڊا ڪار، ڌوئڻ يا صفائيءَ وارو مادو.

sodium chlorate (سوڊيم ڪلوريٽ) **n** a colourless crystalline compound used in explosives, as an antiseptic and as weedkiller. بارود سان گڏ استعمال بر ايندڙ ڪيميائي عنصر، پوٽاش مادو، جيت مار ۽ صفائيءَ جي ڪم وارو ڪيميائي مادو.

sodium chloride (سوڊيم ڪلورائيڊ) common table salt, occurring naturally as halite and in seawater. لوڻ، کاڌي جو لوڻ، ڪاچرو لوڻ، معدني لوڻ، سامونڊي لوڻ، نمڪ.

sodium cromoglycate (سوڊيم ڪرموگليڪيٽ) **n** a drug which blocks the release of histamine, used to treat asthma and various allergies. الرجي يا دم جي روڪ لاءِ استعمال ٿيندڙ طبي مادو.

sodium hydroxide (سوڊيم هائيڊروآڪسائيڊ) **n** caustic soda, manufactured by treating quicklime with a solution of hot sodium carbonate, and used as a reagent, in the manufacture of soap, rayon and sodium compounds. تيز ڌوٻي سوڊا، ڪاسٽڪ سوڊا.

sodium lamp (سوڊيم لئمپ) n a street lamp using sodium vapour and giving orange or yellow light.(گهٽين لاءِ) سوڊيم جي بتي، تيز ۽ پيلي روشني ڏيندڙ بلب يا بتي.

sodium nitrate (سوڊيم نائٽريٽ) n a white crystalline solid compound used in explosives, as a fertilizer and food preservative.چلي شورو، شورايٽ وارو لوڻ، زمين جي زرخيزي وڌائيندڙ ڪيميائي مادو، بارود ۽ کاڌن کي محفوظ رکڻ لاءِ ڪم ايندڙ شورو.

sodium pump (سوڊيم پمپ) n a mechanism by which sodium is removed through cell membranes, eg in the axon of a neurone and certain kidney cells, the energy for the process being derived from the breakdown of ATP.مشين يا اوزار جنهن رستي گهرڙن مان ڪاري پاڻيٺ ڪڍي ويندي آهي، بڪين صاف ڪرڻ واري مشين.

sodium thiosulphate (سوڊيم ٿاءِ سلفيٽ) n a white soluble substance used as a fixer in photography.فوٽو گرافيءَ ۾ ڪم ايندڙ ڪيميائي عنصر.

Sodom (سوڊم) n. one of the 'cities of the plain'; any place of utter depravity.ميداني شهر يا علائقا، بڇڙائي واري جاءِ.

sodomite (سوڊومائيٽ) n. an inhabitant of Sodom; someone who practises sodomy.سيدالي علائقي جو باشندو، بڇڙائي واري هنڌ جو رهواسي، لونڊي باز، اغلام باز، لوطي، لونڊي بازي ڪندڙ، هم جنس پرست.

sodomize (-ise) (سوڊومائيز) vt to practise sodomy upon. لونڊي بازي ڪرڻ، بدفعلي ڪرڻ، اغلام بازي ڪرڻ، لواطت بازي ڪرڻ.

sodomy (سوڊومي) n. anal intercourse (with a man or woman) or copulation with an animal, imputed to the inhabitants of Sodomلونڊيبازي ، انسان يا جانورن سان غيرفطري جماع يا بدفعلي، اغلام بازي، لواطت.

soever (سوايور) adv. generally used to extend or render indefinite the sense of (and esp as combining form –soever added to) who, what, where, how etc. ڪيترو به، جيترو به، ڪهڙو به، ڪوبه، جابه، ڪٿي به.

sofa (سوفا) n a long upholstered seat with back and arms. ڪوچ، گاديلي واري ڪرسي، سوفو، گاديلا.

sofabed (سوفابيڊ) n a piece of furniture serving as a sofa by day, and bed at night.ڪوچ ۽ پلنگ، گاديلو جيڪو پلنگ طور به استعمال ڪري سگهجي.

so far (سوفر) n a method of calculating the location of an underwater explosion from measurements of the time taken from the sound vibrations to reach three widely separated shore stations (used in searching for survivors, who drop into the sea).پاڻي جاچ اوزار، اوزار جنهن رستي پاڻيءَ ۾ ڪريل يا مليل شيءِ کي ڳولڻ ۾ سهوليت ٿيندي آهي.

sofa table (سوفاٽيبل) n a narrow table with a flap at each end, used as a writing-table.لکڻ جي ميز، سنڍي ميز.

soffioni (سوفياني) n pl volcanic steam-holes (Ital).پرندڙ جبل مان گرم هوائون خارج ڪندڙ سوراخ.

soffit (سوفٽ) n a ceiling, ornamented underside of a stair, entablature, archway, a balcony, overhanging eaves, etc (Ital)..ڇت، ڇڄهري، ڇت جو هيٺيون حصو، ڏاڪڻ واري لنگهه جو سينگاريل حصو.

soft (سافٽ) adj, n, adv, vt, interj. easily yielding to pressure; easily cut; easily scratched; malleable; yielding; not rigorous enough; (of sounds) not loud, low; not glaring; diffused; slightly blurred; weak in muscle or mind; out of training; smooth; pleasing or soothing to the senses; tender; mild; politically moderate, not radical or extreme; sympathetic; gentle; effeminate; unable to endure rough treatment or hardship; unprotected; (of a vehicle) unarmoured; gently moving; easy; (of water) free from calcium and magnesium salts; (of coal) bituminous; (of money) paper rather than metallic; (of paper) unsized; rainy; pronounced with a somewhat sibilant sound, not guttural or explosive; (of silk) freed from natural gum; (of diet) consisting of semi-liquid and easily-digestible foods; apt to fall in price; (of drugs) not habit-forming in an obvious degree; a softy, a fool; soft commodities; hold; not so fast..نرم، ڪونئرو، لسو، وڇولو، منو، جهيڻو، ملوڪ، ڪومل، ڏڏو، هلڪو، ٿلهڙو، نازڪ، سست، عاشقاڻو، رحمدل، آرام طلب، سادو سودو، ملائم، سوڪو، سوکرو، خوش نما، زناڻو، عيش پسند، رحم دل، خليق، جهيڻو ڳالهائيندڙ، بي پناهه، بي اجهو، سواءِ والي وارث جي (گاڏي) بنا مناسب بچاءَ جي ، آرام سان هلندڙ، (پاڻي) لوڻيائن مادن کان پاڪ، پيڻ لائق، ڏامري مادي وارو ڪوئلو، (ناڻو) ڪاغذي نوٽ، (پنو يا ڪاغذ) سادو عام (موسم) برساتي، هلڪي، (آواز) هلڪو، (لفظ) اچارڻ ۾ آسان، (ريشم) صاف ڪيل، ڌوتل، (کاڌو) نرم، پتڙو، چڱيءَ طرح ڳاريل، جلد هضم ٿيندڙ، (قيمت) گهٽ ٿيڻ واري، (دوا) عادت نہ وجهندڙ، نرم شيون، آرام سان جهليل، سوڙهو نہ ڪيل، بيوقوف، پوڪ، چسو، ڪم عقل.

softa (سافٽا) n a Muslim theological student, attached to a mosque (Turk).مذهبي علم جو شاگرد، طالب دين، مذهبي يا اسلامي علمن جو شاگرد، ديني تعليم جو شاگرد.

soft answer (سافٽ انسر) n a good-tempered answer

to abuse or an accusation. ڏوهه، تهمت يا الزام جو آهستي يا ٿڌو جواب.

softback or soft cover (سافٽ بيڪ آر ڪور) n a paper back (book). ڪچي جلد وارو ڪتاب.

soft ball (سافٽ بال) n an American game similar to baseball, played on a Smaller diamond, with a soft ball. هڪ آمريڪي راند جو قسم.

soft-boiled (سافٽ بوائلڊ) adj boiled not long enough to be quite solid; soft-hearted. اڌ اوباريل بيضو يا آنو. رحم دل، نرم دل.

soft coal (سافٽ ڪول) n bituminous coal. نرم ڪوئلو رالدار. اگر. ڏامري ڪوئلو.

soft commodities (سافٽ ڪموڊ ٽيز) n foodstuffs, coffee, cotton, as opposed to metals. نرم کاڌي جون شيون. نرم راشن، نرم شيون، پائيٽ، ڪپهه، ڪافي وغيره.

soft-conscienced (سافٽ ڪانشنس) adj having a not very rigorous conscience. نرم خيالن وارو. غير سختي پسند، رحم ڪندڙ.

soft-core (سافٽ ڪور) adj (of obscene or pornographic material) not explicit, blatant or graphic. (اگهاڙو مواد) معمولي قسم جو. صفا اگهاڙو نه، معمولي اگهاڙپ وارو.

soft currency (سافٽ ڪرنسي) n one unstable in value in the international money-market through fluctuation in its gold backing. نوٽ يا ڪاغذي نائو. غير مستحڪم نائو. بين الاقوامي منڊيءَ ۾ اڻ ڪارگر نائو.

soft detergent (سافٽ ڊٽرجنٽ) n a biodegradable detergent. ماحول لاءِ غير نقصانڪار صفائيءَ وارو مادو.

soft drink (سافٽ ڊرنڪ) n a non-alcoholic drink. هلڪو شربت، بنا شراب جي شربت، سادو شربت، ٿڌي بوتل.

soften (سافٽن) vt, vi to make soft or softer; to mitigate; to tone down, make smoother or less glaring; to grow soft o softer.. ڪوئلرو ڪرڻ، هلڪو ڪرڻ، لسو ڪرڻ، گهٽ ڪرڻ، نرمائڻ، پگهرائڻ، پچائڻ، هلڪو ٿيڻ، ملائم ٿيڻ.

soft-finned (سافٽ فنڊ) adj without finspines. بنا ڪنڊائين ڪنيڙين جي.

soft focus (سافٽ فوڪس) n deliberate slight blurring of a picture or scene. ڪنهن فلم يا تصوير ۾ ڪن شين کي جاڻي ٻجهي ڌنڌلو ڪرڻ.

soft fruit (سافٽ فروٽ) n small, stoneless, edible fruit, such as berries and currants. نرم ميوو، گِردار ميوو، ميوو جنهن جي مٿين کل به نرم هجي جيئن ٻير، ڪشمش، صوف وغيره.

soft furnishings (سافٽ فرنشنگس) n curtains, coverings, rugs etc. پردا، چادرون، غاليچا، فراسيون، اوڇڻيون.

soft goods (سافٽ گڊس) n cloth and cloth articles. ڪپڙو يا ڪپڙي جون شيون.

soft-grass (سافٽ گراس) n a worthless grass similar to oats. هلڪو گاهه، اجايو گاهه، گند گاهه.

soft head (سافٽ هيڊ) n a simpleton.. سادو سودو، چٽ، موڳو، چسو، پوڪ.

soft-hearted (سافٽ هارٽيڊ) adj kind, generous; tender-hearted. نرم دل، رحمدل، ڪوئلرو، ڪمزور، ٿلهڙو.

soft hyphen (سافٽ هائفن) n (in word-processing) one inserted in a word only if necessary for word division at the end of a line. (ڪمپيوٽر يا ٽائيپ ۾) ڇپائي يا اکرن کي سهڻي بيهڪ ڏيڻ لاءِ وڌل خالي جاءِ.

softie (سافٽاءِ) n a weak or silly or soft-hearted person. ڍرو، سست، نرم دل، ڪمزور دل، بزدل، ڪوئلرو.

soft landing (سافٽ لئنڊنگ) n a landing by a spacecraft, without uncomfortable or damaging impact. هوائي جهاز جو (زمين تي) آرام سان لهڻ. بنا جهوٻي جي لهڻ.

soft lens (سافٽ لينس) n a flexible contact lens of a hydrophylic material which allows some oxygen to reach the cornea. اکين ۾ لڳائڻ وارا نرم شيشا.

softline (سافٽ لائين) n a flexible or lenient attitude, policy. ٿلهڙي پاليسي، نرم پاليسي، نرمي.

soft loan (سافٽ لون) n one without conditions attached; a cheap or interest-free loan, usu to a developing country. گهٽ يا بنا وياج قرض، بنا شرط شروط جي قرض، گهٽ وياج وارو قرض.

softly (سافٽلي) adv - adj in a soft, gentle or quiet manner آهستي آهستي، هوريان، نرمائيءَ سان، ڌيري ڌيري، آرام سان، هري هري.

softly-softly (سافٽلي) adj (of an approach) cautious, careful, delicate; discreet and cunning.. خبرداريءَ سان، نرميءَ سان، آهستي آهستي، ڌيري ڌيري، لڪي ڇپي، لڪ ڇپ ۾.

soft meat (سافٽ ميٽ) n. egurgitated food given by pigeons to their young. نرم کاڌو، اوڳاڇيل کاڌو، پکين جو اوڳاريل کاڌو (ٻچن لاءِ).

soft nosed (سافٽ نوزڊ) adj. (of a bullet) with a tip that expands on striking. گوليءَ جو شروعاتي حصو جيڪو لڳڻ کان پوءِ ويڪرو ٿي ويندو آهي، بنا چهنب واري گولي، شيهي جي ڦهلجندڙ يا ٿاڦي صورت شڪل وٺندڙ گولي.

soft option (سافٽ آپشن) n an alternative that is easy to carry out, undergo. مناسب سهولت، ٻيو ۽ آسان طريقو.

soft palate (سافٽ پئليٽ) n the fleshy back part of the palate. نرم تارون، تارونءَ جو پٺيون حصو، وات جو مٿيون حصو.

soft paste (سافٽ پيسٽ) adj (of porcelain) made of a paste of various kinds requiring less heat in firing than china clay. نرم چيڪي مٽيءَ مان ناهيل ٿانو.

soft pedal (سافٽ پيڊل) n vt vi a pedal for reducing tone in the piano, esp by causing the hammer to strike only one string; to play with the soft pedal down; to subdue, tone down, avoid emphasizing or alluding to..(باجي جو) هلڪو ڏڪ يا هلڪي ڏڪ واري چاپي، هلڪي وجت. هلڪي وجت پر وڃائڻ.

soft power (سافٽ پاور) n the power of a nation to influence others by displaying the advantages of its own cultural, social, financial systems without the use of military power.ڪنهن ملڪ تي نرم نموني اثر انداز ٿيڻ. پاڻ کي بهتر ڪري پيش ڪري ڏيکارڻ. نرمائيءَ سان پنهنجو ڪرڻ.

soft radiation (سافٽ ريڊيئيشن) n radiation which has very limited penetrating power.هلڪي تابڪاري يا شعاع. انساني جسم لاءِ غير هاڃيڪار جوهري شعاع.

soft rock geology (سافٽ راڪ جيالاجي) n the geology of sedimentary rocks.نرم يا واريءَ جي ذرڙن يا نرم لڪرين. نرم يا ماٺيرن. هنڌن جي سائنسي جاچ.

soft rot (سافٽ راٽ) n a bacterial disease of plant tissues which reduces them to soft, mushy, foul-smelling rot.ٻوٽن جي بيڪٽريائي بيماري جيڪا انهن کي نرم ۽ ڪِنو ڪري ڇڏي.

soft sawder or sowder (سافٽ ساڊر) n, vt flattery; to flatter, blarney.هروڀرو چاپلوسي، خوشامد، چاپلوسي ڪرڻ. ٻڌائڻ، خوشامد ڪرڻ.

soft science (سافٽ سائنس) n. any of the scientific disciplines in which rules or principles of evaluation are difficult to obtain, such as social sciences.اهي علم جن جي لاءِ ڪو خاص معيار مقرر نہ هجي. انساني عادتن ۽ خصلتن جي سائنس. غير معياري سائنسي علم.

soft sell (سافٽ سيل) n adj selling or sale by preliminary softening up or other indirect method; mild persuasion, or mildly persuasive tactics.آرام يا ٿوري محنت سان وڪڻڻ وارو وکر. عام استعمال وارو سودو.

soft-shell[1] or –**shelled** (سافٽ شيل) n having a soft shell; moderate in policy or principles..نرم کل وارو. اصولن ۾ نرم. درمياني يا وچون رستو.

soft-shell[2] (سافٽ شيل) n a soft-shell crab, clam, or river-turtle; a moderate..نرم کل وارو ڪيڪڙو، وچٿرو. دريائي ڪمي. نرم کوپي وارو. ڪچو. درميانو. رواجي. اعتدالي.

soft-shoe (سافٽ شو) adj characteristic of or pertaining to a form of tap-dancing done in soft-soled shoes. نرم بوٽ پائي ڪرڻ واري ناچ بابت. هلڪن قدمن واري ناچ جو.

soft-slow (سافٽ سلو) n soft and slow. نرم ۽ آهستي. معتدل.

soft-soap[1] (سافٽ سوپ) n a kind of soap containing potash; flattery; blarney.هلڪو يا نرم صابڻ. غسل جو صابڻ. خوشامد. چاپلوسي. ٻڏاءُ.

soft-soap[2] (سافٽ سوپ) vt to rub or cover with soft soap; to flatter for some end.ڪنهن نرم صابڻ سان ملڻ. ڪنهن مقصد حاصل ڪرڻ خاطر خوشامد يا چاپلوسي ڪرڻ.

soft sore (سافٽ سور) n chancroid, a sexually-transmitted disease resulting in enlargement and ulceration of the lymph nodes in the groin.بيماريءَ جو قسم. نرم کل وارو ٻت. پرميل. سوزاڪ. سرطاني بيماري.

soft spoken (سافٽ اسپوڪن) adj having a mild or gentle voice; affable; sauve; plausible in speech. خليق. اخلاق وارو آهستي ڳالهائيندڙ. جهيڻو ڳالهائيندڙ.

soft sugar (سافٽ شگر) n. granulated or powdered sugar. پيٺل کنڊ. سنهي کنڊ. نرم کنڊ. هلڪي کنڊ. دابوڻي.

soft tack (سافٽ ٽڪ) n brad or other good food.سٺو کاڌو. نرم کاڌو. نرم روٽي.

soft target (سافٽ ٽارگيٽ) n. a relatively vulnerable or unprotected target, esp for military or terrorist attack. هلڪو يا ڪمزور نشانو. آسان شڪار. ڪمزور ٽڪاڻو.

soft tissues (سافٽ ٽشوز) n tissues of the body that are not bony or cartilaginous.ريشا يا ڪچڙيون يا نرم رڳون. بدن جا غير هڏاوان جزا.

soft-top (سافٽ ٽاپ) n, adj a convertible car with a fabric roof. نرم ڇت واري گاڏي. ڪپڙي جي ڇت واري گاڏي.

soft touch (سافٽ ٽچ) n easy touch.قرب. ٽڪڻي. هلڪو هٿ. وارو هٿ. شفقت ڀريو رويو. نرم ڇهاءُ.

soft underbelly (سافٽ انڊربيلي) n the vulnerable part. ڪمزور حصو. نرم حصو. ڏکيو هنڌ.

software (سافٽ ويئر) n computer programs that control the operation of computer hardware; computer programme (or analogous) accessories (other than the actual parts of a computer); video cassettes and discs; material recorded in microform.ڪمپيوٽر جا پروگرام جن رستي ان کي ضرورت مطابق استعمال ڪري سگهجي. ڪمپيوٽر ۾ استعمال ڪرڻ واريون شيون. ڊسڪون وغيره.

software engineering (سافٽ ويئر انجنيئرنگ) n the production of reliable software and its maintenance and modification for particular application.(ڪمپيوٽر لاءِ) پروگرام ٺاهڻ. پروگرامن کي ضرورت مطابق ترتيب ڏيڻ.

software house (سافٽ ويئر هائوس) n a commercial organization specializing in the design of software programmes.ڪمپيوٽر لاءِ ضروري پروگرام ۽ شيون مهيا ڪندڙ واپاري ادارو.

soft wheat (سافٽ ويٽ) n a variety of wheat with soft kernels and a high starch content, suitable for making biscuits, pastry etc.نرم يا گهٽي ڇولي يا نشاستي

واري ڪٽڪ جي جنس جنهن مان عام طور تي بسڪوٽ ٺهن.

soft wicket (سافٽ وڪيٽ) n (cricket) a wicket with moist or sodden truf. (ڪرڪيٽ راند ۾) نرم وڪيٽ، آلي زمين.

soft wood (سافٽ ووڊ) n, adj timber of a confer, pine or spruce, easily sawn. نرم ڪاٺي، ڪچو ڪاٺ، ڪچو يا نرم ڪاٺ ڏيندڙ وڻ، ديال وغيره جو ڪاٺ.

Spanish (اسپنش) **adj, n** of or pertaining to Spain; the language of Spain.اسپين جو، اندلسي، اسپين جي ٻولي، اندلسي ٻولي.

Spanish bayonet (اسپينش بيئونيٽ) **n** a yucca with straight sword-shaped leaves.سڌن ۽ تلوار صورت پنن وارو ٻوٽو.

Spanish broom (اسپينش بروم) **n** a Mediterraean shrub resembling broom, with showy yellow fragrant flowers. يورپ علائقي جو بهاري شڪل ٻوٽو، ڪپ جهڙو ٻوٽو.

Spanish chalk (اسپينش چاڪ) **n** soapstone, French chalk. صابوڻي پٿر، چاڪ وارو پٿر.

Spanish chestnut (اسپينش چيسٽنٽ) **n** the true chestnut. اسپيني شاهه بلوط.

Spanish cress (اسپينش ڪريس) **n** a species of pepper-wort. ڪارن مرچن جو اسپيني ٻوٽو.

Spanish fly (اسپينش فلاءِ) **n** the blister beetle, a preparation made from the dried bodies of these beetles yielding cantharides formerly used medicinally to produce blisters or as an aphrodisiac.ڪڙهه لنڊي، دوا طور ڪتب ايندڙ لنڊڻ جي جنس جو جيت.

Spanish fowl (اسپينش فائول) n a breed of domestic hen. اسپيني ڪهريلو يا پالتو ڪڪڙ.

Spanish grass (اسپينش گراس) n esparto. اسپيني گاهه (جيڪو پني ٺاهڻ ۾ ڪتب ايندو آهي)

Spanish influenza (اسپينش انفلوئنزا) n a severe form of influenza, which, first noted in Spain, spread all over the world in 1918. سخت زڪام. تيز زڪام. سخت قسم جو زڪام.

Spanish guitar (اسپينش گٽار) n a standard six-stringed acoustic guitar, used for classical and folk music. اسپيني ستارساز.

Spanish ibex (اسپينش آئيبڪس) n an ibex, inhabiting the Pyrenees. اسپيني سرهه جانور. اسپيني ٽاڪرو ٻڪر. اسپيني جابلو ٻڪر.

Spanish lynx or **pardel** (اسپينش لنڪس آر پرڊيل) **n.** an Spanish species of Civet family of multiple shapes. اسپيني جهنگ ٻلو. اسپيني چيتو. اسپيني ڪارو چيتو. سياهه گوش.

Spanish juice (اسپين جوس) n extract of liquorice root, اسپيني. شراب. ريسوس.

Spanish Main (اسپينش مئن) n (ie mainland) the mainland coast of the Caribbean sea; the Caribbean sea itself. ڪيريبين سمنڊ جي ڪناري سان لاڳاپيل اسپيني علائقو. ڪيريبين سمنڊ.

Spanish moss (اسپينش موس) n any of various plants which grow in tropical and subtropical areas in long, trailing strands from tree branches. گرم علائقن ۾ ٿيندڙ سَرَ جهڙي ٻوٽي جو قسم.

Spanish needles (اسپينش نيڊلس) n an American weed of the Burmarigold genus with hooked fruits. آمريڪي گاهه جو قسم جنهن ۾ ميوو ٻه ٿيندو آهي.

Spanish omelette (اسپينش آمليٽ) n an omelette made with various vegetables. اسپيني آمليٽ.

Spanish onion (اسپينش اونين) n a large mild type of onion. اسپيني بصر.

Spanish practices or **customs** (اسپينش پريڪٽسز آر ڪسٽمز) **n. pl.** Irregular or restrictive practices by a group of workers, such as over manning and excessive overtime, which are costly and inefficient. منع ڪيل يا ناجائز ڪم. عمل يا ڍنگ. مهانگو ۽ بيڪار ڪم يا عمل.

Spanish sheep (اسپينش شيپ) n a merino. اسپيني رڍ. سنهي ۽ لرم اُن واري ميرينو نسل جي رڍ جو قسم.

Spanish soap (اسپينش سوپ) n castile soap. اسپيني صابڻ.

Spanish topaz (اسپيش ٽوپيز) **n.** an orange-brown variety of quartz (not a true variety of topaz) used as a gemstone. اسپيني پکراج. نيم جواهر. معدنيات. پکراج پڙو. پٿر يا هيرو.

Spanish walk (اسپينش واڪ) **n.** the piaffer gait in horsemanship. گهوڙي جي چال.

Spanish windlass (اسپينش ونڊلس) n a stick or short bar used in rope making to twist and tighten the strands. رسي يا نوڙي ٺاهڻ ۾ ڪم ايندڙ ڪاٺيءَ جو هٿيو.

spank[1] (اسپئنڪ) **vt, vi** to move or drive briskly تکو هلڻ يا هلائڻ.

spank[2] (اسپئنڪ) **vi, n** to strike with the flat of the hand, to smack; a loud slap, esp on the buttocks. ٺڪ هڻڻ. چماٽ هڻڻ. چهبڪ هڻڻ. چتڙن تي ٺڪ هڻڻ.

spanker (اسپينڪر) n a person or thing that spanks; any person or thing particularly striking or dashing; a fore-and-aft sail on the aftermost mast of a sailing ship; a gold coin. ٺڪ هڻندڙ. ڏکُ ڏيندڙ. طاقت ور ماڻهو. ڏکو ماڻهو يا پريت جيڏي شيءِ. سونو سڪو. پلو گهوڙو.

spanking[1] (اسپئنڪنگ) adj spirited, going freely; (of a wind) fresh and brisk; striking, beyond expectation; very; very large. فرحت جوشيلو. آزاديءَ سان هلندڙ. وارو. چستيءَ سان ايندڙ ويندڙ. چرڪائيندڙ. توقع جي خلاف. گهڻو وڏو. (هوا) تيز ۽ تازي.

spanking[2] (اسپئنڪنگ) n the act or an instance of slapping, esp on the buttocks as a punishment for children. چتڙن تي ٺڪڙون هڻڻ . ٺڪ هڻڻ. چماٽون هڻڻ. ٻارن کي ٺڪون هڻڻ. سزا ڏيڻ.

spanner (اسپئنر) n a wrench for nuts, screws; an instrument for winding up a spring. پيچ ڪش. پانو. اسڪرو. چابي. پيچ يا اسپرنگ ڦيرائڻ اوزار.

spansule (اسپئن سول) n a type of pill, generally a capsule containing grains coated with varying amounts of a soluble substance, so that the medicine is released into the body slowly over a period of time. ٽڪي. حب يا ڪيپسول.

spar[1] (اسپر) **n, vt** a rafter; a pole; a bar or rail; an undressed tree stem of medium girth; a general term for masts, yards, booms, gaffs; to fasten with a spar; to fasten; to shut; to fit with spars. شهتير. پٽي. ڪڙي. بلي. تختو. جهازي مستول. بلي هڻڻ. ڪاٺ جي وچولي ڇليل لٺ.

spar[2] (اسپر) n any transparent to translucent, lustrous, non-metallic mineral, with clean cleavage planes; a crystal or fragment of this; an ornament of it. چمڪندڙ معدلي مٽي يا پٿر. بلور. پڙو. بلوري زيور.

spar[3] (اسپر) n to box, or make the actions of boxing; to dispute, argue; (of gamecocks) to fight with

spurs; a boxing match or demonstration; a cock fight; a dispute. مـكـون هڻڻ، مـكـون ڏيکارڻ، بحث ڪرڻ، مـڪـا مـاريءِ واري راند، ننشي بازي، ڦرهڻ، ڪـڪـڙن جي ميل يا ويڙهه، جهيڙو، ڦلو، فساد.

sparable (اسپئر ئبل) **n** a small headless nail used by shoemakers. بوٽ جو بنا مٿي ڪوڪو جيڪو موچي بوٽ ناهڻ وقت استعمال ڪندا آهن.

sparagmite (اسپئريگ مائيٽ) **n** a general name for the late Precambrian rocks of Scandinavia, containing conglomerates, quartzites, breccias and arkoses. معدنيات، پٿريلو مادو.

sparaxis (اسپئريڪس) **n** any plant of the S African genus of cormous iridaceous plants, having colourful star-shaped flowers with lacerated spathes. تارن صورت گل جهليندڙ ڏکڻ آفريڪي ٻوٽو.

spar deck (اسپر ڊيڪ) **n** a temporary deck laid in any part of a ship; a light upper deck of a flush-decked ship. بحري جهاز ۾ ڪنهن حصي ۾ ناهيل آچي بيهڪ.

spare[1] (اسپيئر) **vt, v i, adj, adv, n.** to do without, part with voluntarily; to afford; to allow oneself, concede to oneself; to abstain from using; to refrain from hurting, injuring, punishing, killing or ending; to treat mercifully; to relieve or save from; to avoid; to avoid incurring; to use frugally; to save, hoard; to be frugal; to refrain; to be merciful; not in actual use; not required; kept or available for others or for such purposes as may occur; lean; frugal, scanty, meagre; sparing; a duplicate kept or carried for emergencies. ڪنهن شئي کانسواءِ ڪم هلائڻ، ڇڏڻ، بخشڻ، بار رکڻ يا رهڻ، درگذر ڪرڻ، ايذاءُ کان بچائڻ، بچائي رکڻ، جيئدان ڏيڻ، ترڪ ڪرڻ، ڪفايت ڪرڻ، گهٽ خرچڻ، بچائي ٻين کي ڏيڻ، سـوتو پوتو خرچ، گهٽ، ٿـورو وڌيڪ، فالتو، مشين جو وڌيڪ پرزو، بچتو، باقي، اضافي، ڪفايتي، ڇڏي ڏيڻ، رحم کائڻ، ضـعـيف، پتلو، واندڪائيءَ جو وقت، فـرحت جو وقت، ڪوئڻ، بچائڻ، پڪـائي ڪرڻ، رک رکـاءُ ڪرڻ، باز رهڻ، ڪنجوسي ڪرڻ، ايندڙ وقت لاءِ بچائي رکڻ، مسـتقبل جو سـانباهو ڪرڻ، پاڇي ڪرڻ.

spare[2] (اسپيئر) **n** the opening or slit at the top of a skirt, pair of trousers. اسڪرٽ جي مٿين حصي ۾ ڏنل ڇهڪ يا ڇير، پتلون جو جوڙو.

spareless (اسپيئر ليس) **adj** unmerciful.. بي رحم، ظالم.

spare part (اسپيئر پارٽ) **n** a part for a machine ready to replace an identical part if it becomes faulty. فالتو يا وڌيڪ پرزو، بچيل پرزو، فاضل عضوو.

spare rib (اسپيئر رب) **n** a piece of pork consisting of ribs with a little meat adhering to them. سوئر جي گوشت وارو پاسريءَ جو ٽڪر.

spare room (اسپيئر روم) **n** a bedroom that is not normally used, available for visitors. مهمانن لاءِ اوطاق، ڪمرو، بيٺڪ، مهمان خانو، خلاصو ڪمرو، مخصوص ڪمرو.

spare time (اسپيئر ٽائيم) **n** leisure time.. واندڪائيءَ جو وقت، بچيل وقت، فرحت جو وقت.

spare tyre (اسپيئر ٽائر) **n** an extra tyre for a motor vehicle, carried in case of a puncture; a roll of fat around the midriff. واڌو ٽائر يا ڦيٿو، ڪنڌي جي چربي.

sparganium (اسپارگينيم) **n** a plant of the blur-reed genus that grows in marshes and shallow water, typically having straplike leaves and globelike flower-heads made up of either male or female flowers (Gr). پوسلي علائقن جو ڊپ جهڙو گلن وارو ٻوٽو.

sparge or spairge (اسپارج) **vt** to sprinkle (with moisture). ڇٽڪارڻ، ڇـٽڪـارڻ، پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻڻ، پسـائڻ، ڦـوهارو ڪرڻ.

sparger (اسپارجر) **n** a sprinkler. ڇٽڪار ڪندڙ، ڦوهارو.

sparid or sparoid (اسپئرڊ) **n** any marine fish of the family, incl the sea breams, porgies, dentex, with slim streamlined bodies and well-developed teeth adapted to their individual feeding habits (Gr). سامونڊي مڇيءَ جي جنس جنهن ۾ مختلف قسمن جون ڏندن واريون مڇيون شامل آهن، جيئن ڊالديا، ملون، ڳدير، بام، سنگ، ڏنديو، ڪسي، ڏاڏي، ڦوڪيو، ڏنديو، گوڏلاڙو ڏنديو.

spark (اسپارڪ) **n, vi, vt** a glowing or glittering particle; anything of this appearance or character, eg easily extinguished, ready to cause explosion or burning hot; a flash; an electric discharge across a gap; anything active or vivid; a bright sprightly person; a small diamond; an electrician; a lover, a beau; to emit sparks; to produce a spark; to sparkle; to play the gallant or lover.. شـعلو، ڏرو، چڻگاري، الاڀو، ٽانڊو، برقي چڻنگ، لنڊو لگ، ٻڙو، تڪـڙو، تيز، بجليءَ جو ڪم ڪندڙ مستري، چمڪندڙ شيءِ، چڻنگ، الو، جولاني، عاشق، عقل جو الڏو، عشق باز، چڻنگون ڇڏڻ، ڇيل ڇبيلو، عيشي جيئڙو، الا اٿارڻ، چمڪڻ.

spark chamber (اسپارڪ چيمبر) **n** a radiation detector, consisting of a chamber containing inert gas and electrically-charged metal plates, in which tracks of particles can be detected and studied by photographing the spark caused by their ionization of the gas. جوهري قوت يا اثر کي ڳولڻ وارو اوزار.

spark coil (اسپارڪ ڪوائل) **n** an induction coil; a connection of high resistance used to prevent sparking in electrical apparatus. چڻنگ ويڙهو.

sparke (اسپارڪ) **n** a weapon of some kind. هڪ قسم جو.

هتيار.

spark gap (اسپارڪ گيپ) n the space between electrodes across which electric sparks pass; apparatus with such a space. بجلي مهيا ڪندڙ ٻن اوزارن جي وچ واري وٿي، بجلي يا چڻگاري خلا وارو اوزار.

sparkle (اسپارڪل) n, vi, vt a little spark; glitter; scintillation; emission of sparks; the appearance of effervescence (as of carbon dioxide in wine); vivacity; spirited animation; scintillating wit; to emit sparks; to glitter; to effervesce with small shining bubbles; to be bright, animated, vivacious or witty; to cause to sparkle; to throw out as, in, or like sparks.. چڻنگ، چمڪو، الو، جهلڪو، الانبو، چڻگاري، چمڪ. جهلڪا ڏيڻ، چمڪڻ، ترورا ڪيڻ، چلڪڻ، چڻنگون ڇڏڻ، گج ڪرڻ، الا اڏامڻ، جهرمرائڻ، گجي ڪرڻ، ٻوڙيا ڪرڻ.

sparkler (اسپارڪلر) n that which sparkles; a diamond or other gem; a small firework that gives off a shower of tiny sparks and which can be held in the hand.. جهرمر ڪندڙ، جهر مرائيندڙ، ترورا ڪندڙ، چمڪندڙ، چلڪندڙ.

sparkling wine (اسپارڪلنگ وائين) n wine that effervesces, either as a result of secondary fermentation or by the introduction of carbon dioxide.ٻوڙيا يا گج ڪندڙ شراب.

sparkly (اسپارڪلي) adj. having sparkles; sparkling; something that sparkles. ڪا چمڪندڙ شيءِ، چڻنگن واري.

spark plug or sparking-plug (اسپارڪ يا اسپارڪنگ پلگ) n. in an internal-combustion engine, a plug carrying wires between which an electric spark passes to fire the explosive mixture of gases.. چڻنگ بجي، چڻنگ پلگ، چڻنگون ڇڏيندڙ مشين جو اوزار.

sparks (اسپارڪس) n. sing a ship's wireless operator; an electrician. جهاز جو آپريٽر، بجليءَ جو مستري.

sparling, sperling or spirling (اسپارلنگ) n a dialect name for the smelt; a European smelt. مڇيءَ جو قسم، هڪ يورپي ننڍي مڇي.

sparring partner (اسپيئرنگ پارٽنر) n a person, usu another boxer, with whom a boxer practises; a friend with whom one enjoys lively arguments.مڪا ماريءَ يا لونشي بازيءَ جي راند سکڻ واري جو ساٿي، ولدرائيندڙ ساٿي.

sparrow (اسپئرو) n any member of a family of small finchlike birds of the genus Passer and related genera; extended to many other, usu brown, birds such as the hedge sparrow.. جهرڪي، چڙي، جهار، جهرڪيءَ جي جنس جا ننڍا پکي.

sparrow-hawk (اسپئرو هاڪ) n any member of the genus of long-legged, short-winged falcons, similar to, but smaller than, the goshawks, that prey on smaller birds. باشو، شڪرو، باز، جهرڪين جو شڪار ڪندڙ باز.

sparry (اسپئري) adj of or like spar.ڪاٺ، صورت ڪاٺ، پٽيءَ جو تختو.

sparse (اسپارس) adj, adv. thinly scattered; scanty. ڇڻو پاڻو، ڪر وڪر، ٽڙيل، پکڙيل، ٿهليل، ڇدو، ٿورو، هلڪو، پترو، سنهو، متفرق.

spart (اسپارٽ) n esparto; Spanish broom.(Fr).اسپيني ٻوٽي جو قسم.

Spartan (اسپارٽن) adj, n. simple, hardy, rigorous, frugal, laconic, militaristic, despising culture ie characteristic of the ancient Greek city of Sparta, capital of Laconia; bleak, rigorous, austere; one or a thing displaying spartan qualities; a citizen or native of Sparta or Laconia.. جوان مرد، دلير، ڏير جوان، سخت، مضبوط، اسپارٽا جو رهاڪو، اسپارٽا واسي.

sparteine (اسپار ٽين) n an oily alkaloid ($C_{15}H_{26}N_2$), obtained from the branches of the common broom plant and the seeds of the lupin, sometimes used to treat heart irregularities.ٻوٽن مان حاصل ٿيندڙ ڪيميائي مادو جيڪو دوا طور ڪتب ايندو آهي، دل جي بيمارين جي دوا جو مرڪزي جزو.

sparterie (اسپارٽري) n articles made of esparto.تيلين واري ٻوٽي يا ڏڀن مان ناهيل شيون، سرن مان ناهيل شيون.

sparth or sparthe (اسپارٿ) n a long battle axe.وڏو جنگي ڪهاڙو، جنگي ڪتار، تبر.

spasm (اسپازم) n,vi a sustained involuntary muscular contraction; a sudden convulsive action, movement or emotion; a brief period, a spell; a section of a performance, eg a verse of a song, stanza of a poem; to go into spasm; to experience a spasm or spasms.. ڳنڍڙي، سيٽ، مروڙ، تشنج، ٻت جو سيٽجڻ، ڳنڍڙي، آڪڙ، ڳرت، ڇڪ، جذبات جو هلڪو جهٽڪو، معمولي داڳ، بيت جي مصرع، مروڙ ۾ ولجڻ، وٽ پوڻ، ڳنڍڙي پوڻ.

spasmodic or spasmodical (اسپاسموڊڪ آر اسپاسموڊيڪل) adj relating to, or occurring in, spasms; convulsive; intermittent.ڳنڍڙيءَ والگر ڇڪ محسوس ڪرڻ، ٻت جو سيٽجڻ، وٽ، ڪڏهن ڪڏهن (پوندڙ)، جهٽڪيءَ وارو.

spasmodist (اسپاسموڊسٽ) n a person whose work is spasmodic.غير مستقل لوڪر، ڪڏهن ڪڏهن ڪم ڪرڻ وارو ماڻهو.

spastic (اسپاسٽڪ) adj, n of the nature of spasm; characterized or affected by spasms; spasmodic; awkward, clumsy, useless; a person affected with spastic paralysis; a useless or stupid person.ڳنڍڙيءَ

والگر، ڳوڙي، چڪ، ست، تشنج، تشنجي اڌ رنگ جو مــــريض،
بيوقوف، بي عقل، پوڪ، چسو، لڪمو، بيڪار، ڪنهن ڪم جو نہ.

spasticity (اسپاسٽيسٽي) n tendency to spasm.تشنجي
ڪيفيت وارو، ست وجهندڙ،ڳوڙين وارو.

spastic paralysis (اسپا سٽڪ پيرالسس) n permanent muscle constriction or involuntary jerky muscle movement caused by injury to the muscle-controlling part of the brain.(دماغي .تشنجي اڌرنگ مرض
اثر هيٺ عمل ڪار) پٺن جي ڏڪ سبب بدن جو بي اختيار ٿيڻ.

spat¹ (اسپٽ) n, vi & vt the spawn of shellfish; a shellfish larva; to span.مڇيءِ جا آنا، آنا ڏيڻ، پٿري، ٺڳر
صدف، ننڍو ڪوڏ يا سپ.

spat² (اسپٽ) n, vt & vi a slap; a large drop, as of rain; a splash, spattering; a petty quarrel; to slap, to strike lightly; to engage in a petty quarrel..ٿڦ
وڏو ڦڙو، لڙائي، جهيڙو، ڦڙا اڏائڻ، ٿاڦوڙا هڻڻ، معمولي جهيڙو.

spat³ (اسپيٽ) n a short gaiter; a fairing covering an aircraft wheel..ننڍو گيٽرجوراب، هوائي جهاز جي ڦيٿي جو پوش

spatangoid (اسپيٽنگوائڊ) n a heart urchin, a member of an order of more or less heart-shaped sea urchins with eccentric anus (Gr).سامونڊي جيوت، دل جي
صورت وارو سامونڊي جيت.

spatchcock (اسپچ ڪاڪ) n, vt a fowl just killed that is dressed and cooked at once; a fowl slit lengthways, opened out, and cooked flat; to treat in this way; to interpolate, insert (words or a sentence) hastily into a narrative, etc.ڪڪڙ يا پکي جيڪو ڪهي
جلدي پچايو وڃي، گهسيڙڻ، سيني وتان اڌو اڌ ڪيل، جلدي لکڻ،
جلديءَ ۾ پاهريان يا ڦاريا اکر (موجود لکت ۾) داخل ڪرڻ.

spate (اسپيٽ) n a flood; a sudden rush or increased quantity. پوڙ، اٿل، سيلاب، ليٽ، درياهہ جي اٿل.

spat fall (اسپيٽ فال) n a mass of planktonic shellfish larvae which has settled on the seabed prior to developing into adults; the location or occurrence of this settlement.ڪوڏ يا صدفي جيوڙا جن جا بيضا لهڻ کانپوءِ
سمنڊ جي تري ۾ ويچي وهندا آهن.

spathe (اسپٿ) n a sheathing bract, usu a conspicuous one enclosing a spadix (Gr).گلن جي چادر، پن جيڪي گلن
کي ويڙهيل هوندا آهن، گل پوش، ڇپو، پوڳ، پوڪ، ڪچيءَ جو
ڇڳو، گل غلاف.

spathic (اسپٿڪ) adj. the nature of, or like, spar; lamellar.blore, blore, Shabe بلوري، شهابي پٿري دار، تهدار،
ورق دار.

spathic iron (اسپيٿڪ آئرن) n. another name for siderite (Ger). شهابي لوهہ، بلوري مادو.

spathiphyllum (اسپٿفلم) n any araceous tropical plant of the genus with lance-shaped leaves and fleshy white spadices of flowers in white spathes.
گل پوش ٻوٽو، ليزي صورت وڏن پنن ۽ اڇن گلن وارو ٻوٽو.

spatial or **spacial** (اسپيشل) adj relating to space.فضائي
هوائي، خلائي، ماحولي ڪشادگيءَ متعلق.

spatiotempral (اسپيٽيو ٽيمپورل) adj of space-time or space and time together.ماحول ۽ وقت سان لاڳاپيل، خلا ۽
وقت بابت.

spatlese (اسپيٽلس) n a late harvest; a sweet white wine made from grapes harvested after the main vintage (Ger).پاڇاٽو فصل يا پاڇاٽو لابارو، اچو مٺو يا اڇو
شراب.

spattee (اسپيٽي) n a protective outer stocking or long gaiter. پوش، جوراب، پاهريون تهہ، وڏو گيٽر.

spatter (اسپٽر) vt, vi & n to throw out or scatter upon or about; to sprinkle, esp with mud or liquid; to fly or fall in drops; to fall, rain down or fly about; a spattering; something spattered.گپ، مٽيءَ سان پرڻ
سان پرڻ، ڇنڊا وجهڻ، مٽي ڇنڪارڻ، گپ ٿڦڻ، لينگهو لائڻ، بدنام
ڪرڻ، ڇنڊا، ڇڙ و ڪڙ ڪرڻ، ڇنارڻ، لِيءِ ڏيڻ، پريل يا ٿقيل شيءِ.

spatterdash (اسپيٽرڊئش) n. roughcast; an old type of long gaiter or legging to protect the trouser leg from being spattered with mud.ڊگها جوراب، ٽنگن لاءِ تنگ
پوشاڪ.

spatterdock (اسپٽرڊاڪ) n the yellow waterlily of the genus Nuphar. ڪنول جي پيلي گل واري جنس.

spatterwork (اسپٽر ورڪ) n reproduction of designs by covering the surface with the pattern and spattering colour on the parts exposed.رنگ ڪاريءَ جو
طريقو، رنگن رستي نقل تيار ڪرڻ جو طريقو.

spatula or **spatule** (اسپيٽولا آر اسپيٽيول) n a broad, blunt, flexible blade or flattened spoon.ويڪري ڦر سان چاقو يا
چمچو، ڇري، ڪپ، جراحي چمچو، ڇري، مرهم ڪش، ننڍڙي
ڪوڏر، ملر جي ڇري، لڙيءَ کي ڏسڻ لاءِ ڊاڪٽري هٿيو يا اوزار .

spatulate (اسپيٽوليٽ) adj shaped like a spatula; broad and rounded at the tip and tapering at the base.
چمچي شڪل، لسي يا سڌي ڦر واري ڇري.

spauld (اسپالڊ) n the shoulder; the shoulder of an animal used as food; a limb.ڪلهو، چنبو، ڪنڌو، ڪلهي
عضوو.

spauld-bone (اسپالڊ بون) n shoulder-blade..ڪلهي جو هڏو

spauld-ill (اسپالڊ ال) n the cattle disease blackquarter.جانورن جي يا مال جي ڪاري ٽنگ يا چنگهہ جي بيماري
ڪڙيو، ڪالهڙيو، ڪويو، ست جي بيماري (هي جانورن جي هڪ
وچڙندڙ ۽ موتمار بيماري آهي).

spavin (اسپئون) n a disease of the hock joint of horses,

resulting from inflammation, in which a bony growth or distension of the tissues and veins associated with the joint, occurs; the growth or enlargement so formed. گھوڙي جي پوئين گوڏي جي سنڌ جو مرض. پوئين گوڏي تي هڏڙي يا ڳنڍ ٿيڻ واري بيماري.

spavined (اسپئونڊ) adj affected with spavin; lame; broken down, decrepit.. هڏن جي بيماري ورتل. منڊو، ڪمزور. ضعيف. پڳل لٽل.

spawl (اسپال) n, vi spittle, slaver, saliva; to spit.. ڪانگھارو. ٿڪ. بلغم. رال. لعاب. لار. ٿوڪڻ. ٿڪون اڇلائڻ.

spawn (اسپان) n, vi a mass of eggs laid in water; fry; brood; offspring; mushroom mycelium; to produce as spawn; to generate, in mass; to produce or deposit spawn; to teem; to come forth as or like spawn.. آني. مڇين جا آنا. تخم. ٻچو. اولاد. ٻج. نطفو. بيضو. تخم. ماهي. بيضا لاهڻ. ڏيڏر جا آنا. آنا يا بيضا لاهڻ. گهڻي تعداد ۾ ٻچا ڏيڻ. گڏ ڪرڻ. ميڙڻ.

spawn brick or cake (اسپان برڪ آر ڪيڪ) n a consolidated cake of horse dung with mushroom span. لڏ (گهوڙي جي). ليڏولو.

spanning-bed or –ground (اسپننگ بيڊ آر گرائونڊ) n a bed or place in the bottom of a stream on which fish deposit their spawn. لهر جو ترو جتي مڇيون آنا لاهينديون آهن.

spanny (اسپني) adj of or like spawn; lucky. آني جهڙو يا جو. ڀاڳ وارو.

spay (اسپي) vt to remove or destroy the ovaries of a female animal.. مادي جي ٻچي داني ڪڍڻ يا ان کي سنڌ ڪرڻ. مادي خصي ڪاري.

spayad, spayd, spade or spay (اسپيڊ آر سپي) n a male deer in his third year. ٽن سالن جو نر هرڻ.

speak (اسپيڪ) vi vt to utter words; to talk or converse; to make a speech; to sound; to give voice; to give expression, information or intimation by any means; to pronounce; to utter; to express; to declare; to mention; to describe; to hail or communicate with; to use or talk in a language; to bring or render by speaking.. ڳالهائڻ. چوڻ. آکڻ. ڪڇڻ. ٻولڻ. آواز ڏيڻ. پڙ ڪرڻ. ڪَهَڻ. آلڻ. بيان ڪرڻ. تقرير ڪرڻ. ذڪر ڪرڻ. اوبر ڪڍڻ. گفتگو ڪرڻ. چٽي ڏيڻ. کلي پوڻ. زبان کولڻ. ڳالهه رستي بيان ڪرڻ. سمجهائڻ. تفصيل سان بيان ڪرڻ. ڪنهن ٻولي يا ڪن لفظن ۾ بيان ڪرڻ. زباني طور چوڻ يا ٻڌائڻ.

-speak (اسپيڪ) combining form : a particular jargon or style of language, such as techno-speak, double-speak, air-speak, sea-speak etc. لفظي ٻجاڙي – ڪو خاص ٻول يا نقطو. ڪنهن خاص نقطي يا معاملي جي باري ۾. ڪا خاص معنيٰ ڏيندڙ لفظي ٻجاڙي.

speakable (اسپيڪبل) adj able or fit to be spoken or expressed in speech; able to speak. ڳالهائڻ جهڙو. ڳالهائڻ جوڳو. ڳالهائڻ لائق. اهڙو معاملو يا مسئلو جنهن تي ڳالهائي سگهجي.

speakeasy (اسپيڪ ايزي) n during prohibition, an illicit bar selling alcohol, a shebeen. بندش واري دؤر ۾ شراب جو غير قانوني دوڪان.

speaker (اسپيڪر) n a person who speaks; the president or the mouth-piece of a legislative body; a loudspeaker. ڳالهائيندڙ. ڳالهائو. تقرير ڪندڙ. پارليامان جو صدر. اسپيڪر يا سياپتي. مجلس جو صدر.

speakerine (اسپيڪرين) n a female announcer or programme hostess. ڳالهائيندڙ يا پروگرام بابت اعلان ڪندڙ عورت. پروگرام پيش ڪندڙ عورت.

speakerphone (اسپيڪرفون) n a type of telephone using a combined loudspeaker and microphone. ٽيليفون جو قسم جنهن وسيلي رسيور ڪانسواء ٻه ڳالهائي سگهجي.

spearkership (اسپيڪرشپ) n the office of speaker. اسپيڪر جو عهدو.

speaking (اسپيڪنگ) n, adj. the act of expressing ideas in words; conversation, discussion; uttering or transmitting speech; seeming to speak, lifelike. ڳالهه ٻولهه. بحث. چوڻي. ڳالهاءُ. تقرير. واڪاڻ.

-speaking (اسپيڪنگ) combining form : able to speak a particular language as in English-speaking etc. ڳالهائيندڙ. ڪنهن خاص ٻوليءَ جو ڳالهائيندڙ. ڪنهن خاص مادري ٻوليءَ وارو جيئن انگريزي ٻولي ڳالهائيندڙ.

speaking clock (اسپيڪنگ ڪلاڪ) n a British telephone service which states the exact time when dialled. برطانيه ۾ ٽيليفون تي وقت ٻڌائڻ جو نظام.

speaking-tube (اسپيڪنگ ٽيوب) n a tube for speaking through to another room. ڳالهائڻ جو نڙو يا نلو.

speaking-voice (اسپيڪنگ وائس) n the kind of voice normally used in speaking. آواز جو قسم يا نمونو. عام آواز.

speak out (اسپيڪ آئوٽ) n to speak boldly, freely, unreservedly, or so as to be easily heard.. همت سان چوڻ. چٽي ڏيڻ. زبان کولڻ. کلي پوڻ. دل جي ڳالهه ڪرڻ. بنا ڊپ ڊاءُ جي چوڻ.

speak to (اسپيڪ ٽو) n to converse with, address; to rebuke, scold; to attest, testify to; to comment on, discuss.. ڪنهن سان ڳالهائڻ. گاريون ڏيڻ. چڙٻڻ. راءِ ڏيڻ. چوڻ. ڪڇڻ.

speak up (اسپيڪ اپ) n to speak so as to be easily

heard; to state one's opinions boldly.ڳالهائڻ، پنهنجي خيالن جو برملا اظهار ڪرڻ، همت سان چوڻ.

spear (اسپيئر) **n, vt** a long weapon made of a pole with a pointed head; a barbed fork for catching fish; anything sharp or piercing; a spearman; a spire; a spiky shoot or blade; a reed; to pierce with a spear..ڀالو، ليزو ، سانگ، ڏڦو، ٻڇي، ڏنگير يا ڀالو هڻندڙ. ڀالو هڻڻ، ليزي سان زخمي ڪرڻ.

speared (اسپيئرڊ) **adj** armed with a spear..ڀاليوارو، نيزيدار، نيزي بردار.

spear fish (اسپير فش) **n** marlin or any similar large game fish. ڏکڻي چهنب واري ساموڊي مڇي، مارلن مڇي جنهن جو شڪار شوق سان ڪندا آهن.

spear grass (اسپيئر گراس) **n** a name for many spear-like grasses. چهنبيارن پن وارو گاهه، ڊڀ يا سر، سرگاهه.

spear gun (اسپيئر گن) **n** an under-water hunting gun which fires spears. پاڻيءَ اندر شڪار ڪرڻ لاءِ بندوق.

spear head (اسپيئر هيڊ) **n , vt** the head of a spear; the front of an attack..ڦرو، چوني، چهنب، چوٽي، حملي لاءِ دستو.

spear man (اسپيئر مئن) **n** a man armed with a spear. نيزي بردار، ڀاليوارو، نيزي وارو.

spearmint (اسپيئرمنٽ) **n** a common garden mint used in cooking and flavouring. ڦودنو ٻوٽو.

spear-running (اسپيئررننگ) **n** a tourney.ٽورنامينٽ، راندين جا لاڳيتا مقابلا.

spear side (اسپيئر سائيڊ) **n** the male side or line of descent (opposite of spindle side, or distaff side). پيڙهيءَ جو ابائو يا ڏاڏائو سرشتو، ابائي يا ڏاڏائي آکهه، پيڙهي.

spear thistle (اسپيئر ٿسَل) **n** a common thistle.ڪنڊر، ٻوٽو، ڪانڊيرو.

spearwort (اسپيئر ورٽ) **n** any of various Eurasian plants with lance-shaped leaves. ناز ٻوءِ ٻوٽو.

spec[1] (اسپيڪ) **n** a commercial speculation or venture; in the hope of success; as a gamble, on the off chance. سَٽو، سٽي بازيءَ جو ڏنڊو، جوا.

spec[2] (اسپيڪ) **n** a detailed working description; an specification.تفصيلي بيهڪ، ڪنهن شيءِ جي ناهڻ جو تفصيلي طريقو، خاڪو.

spec-built (اسپيڪ بلٽ) **adj** (of houses) built as a speculative investment by the builder.سيڙپ خاطر تيار ڪيل گهر، ڪمائي بچت يا نفعو حاصل ڪرڻ لاءِ ٺهيل جاءِ.

speccy (اسپيسي) **n , adj** (someone who is) bespectacled. چشمي وارو، عينڪ وارو، چشمو پائيندڙ.

special (اسپيشل) **adj, n** particular; peculiar; distinctive; exceptional; additional to ordinary; detailed; intimate; designed for a particular purpose; confined or mainly designed for a particular purpose; confined or mainly applied to a particular subject; any special or particular person or thing; any person or thing set apart for a particular duty; a constable, a railway train; a dish offered exceptionally as an addition to a restaurant menu, often at a lower price; a newspaper extra, a dispatch from a special correspondent. خاص، خصوصي، نجو، جدا، ڌار، دلي، مخصوص، عجيب، انفرادي، نيارو، نج، الڳ، نرالو، عام کان جدا، خاص مقصد خاطر تيار ڪيل، ڪنهن خاص مضمون بابت، ڪنهن خاص ماڻهوءَ يا شيءِ بابت، ڪنهن مخصوص مقصد يا ماڻهوءَ لاءِ جدا ڪري رکيل فرمائشي کاڌو، اخبار جو ضميمو، خاص خاطوءَ طرفان موڪليل ليک يا خبر.

special area (اسپيشل ايريا) **n** a district for which special economic provision is made in legislation.خاص علائقو يا پرڳڻو، مخصوص علائقو.

Special Branch (اسپيشل برانچ) **n** (in the UK – as well as Pakistan) a police department dealing with political security. برطانيه توڙي پاڪستان ۾ سياسي حفاظت يا سياسي معاملن جي نگراني، جاچ پڙتال ڪندڙ پوليس جو خاص کاتو يا حصو، پوليس کاتي اندر هڪ خاص شعبو جيڪو سياسي، مذهبي ۽ ٻين خاص معاملن تي نظر رکندو آهي.

special case (اسپيشل ڪيس) **n** a written statement of fact presented by litigants to a court; an exceptional or unusual case.ڪورٽ ۾ لکت ۾ بيان، خاص ڪم، غير معمولي ڪم يا معاملو.

special constable (اسپيشل ڪنسٽيبل) **n** an officer sworn in for occasional duty, to assist the police, esp in times of emergency etc..خاص سپاهي، رضاڪار، حلف بردار ماڻهو (جيڪو مخصوص حالتن ۾ پوليس جي امداد ڪري).

special correspondent (اسپيشل ڪريسپانڊنٽ) **n** a person employed to send reports to a particular newspaper, agency etc. .خاص نمائندو، خاص خاطو، خاص ليکڪ.

special delivery (اسپيشل ڊليوري) **n** the delivery of mail by special messenger outside normal delivery times. ٽپال جي خاص ورهاست، معمول واري وقت کان پوءِ واري ٽپال جي ورهاست.

special drawing rights (اسپيشل ڊرائنگ رائٽس) **n** the right to purchase extra foreign currency from the International Monetary Fund.بين الاقوامي بئنڪ يا اداري طرفان ڪنهن ملڪ کي مخصوص حد اندر ضرورت وقت قرض حاصل ڪرڻ جي ڏنل سهولت.

special edition (اسپيشل ايڊيشن) **n** an extra edition of a newspaper including later news than the ordi-

nary edition. اخبار يا مخزن جو خاص ڇاپو يا اشاعت.

special effects (اسپيشل افيڪٽس) n scenic illusions created for films and television by props, camera-work, computer graphics, etc. خاص اثر، خاص آواز.

special hospital (اسپيشل هاسپيٽل) n a secure hospital for mentally ill patients who are also dangerous. چرين يا دماغي مريضن لاءِ مخصوص اسپتال يا شفاخانو.

special school (اسپيشل اسڪول) n a school catering for children with special educational needs, resulting from a disability or learning difficulty. خاص اسڪول يا مڪتب، خاص قسم جي ٻارن لاءِ تربيتي ادارو.

specialism (اسپيشلزم) n (devotion to) some particular study or pursuit. خاص اڀياس، مخصوص تعليم ۽ تربيت.

specialist (اسپيشلسٽ) n a person whose work, interest or expertise is concentrated on a particular subject; an organism with a narrow range of food and habitat preferences. خاص ماهر، ڪنهن خاص علم يا هنر جو ڄاڻو، ڪنهن علم يا فن جو ماهر، هنر مند، ماهر خصوصي، خاص ڪم ڄاڻندڙ، ڪاڻي ۽ رهائش بابت مخصوص عادتون رکندڙ جيوت.

speciality (اسپيشلٽي) n the particular characteristic skill, use of a person or thing; a special occupation or object of attention. خاص صفت يا ڳڻ، خاص ڪم، خصوصيت، خاصيت، خوبي، وشيشتا، خاص ڳڻ، خاص ڳالهه، امتيازي خصوصيت.

specialize (-ise) (اسپيشلائيز) vt, vi to make special or specific; to differentiate; to adapt to conditions; to specify; to narrow and intensify; to become or be a specialist in; to become or be a specialist; to become differentiated; to be adapted by special conditions. خاص طور تيار ڪرڻ، ڪنهن علم يا هنر ۾ سڻي يا ضروري ڄاڻ يا مهارت حاصل ڪرڻ، خاص ماهر ٿيڻ، انفراديت پيدا ڪرڻ، ڪنهن خاص ڪم ڪي لڳڻ، خاص مهارت رکڻ.

specialogue (اسپيشلاگ) n a mail order catalogue aimed at a specific target group of customers. ٽپال رستي مخصوص شين گهرائڻ جو ڪتاب يا چوپڙي.

specialty (اسپيشلٽي) n something special or distinctive; any special product, article of sale or of manufacture; any special product, article of sale or of manufacture; any special pursuit, department of study; speciality; a special contract for the payment of money; a deed under seal. خاص شيءِ، ڪو خاص ڪم، مهر لڳل دستاويز يا اقرار نامو، خاص ڏيتي ليتيءَ جو وهنوار، حلفيه دستاويز، قبوليت.

special verdict (اسپيشل ورڊڪٽ) n a verdict stating the facts as proved but leaving the court to draw conclusions from them. خاص حڪم يا فيصلو، خاص تجويز.

speciation (اسپيسيئيشن) n formation of new biological species, incl formation of polyploids. جنس بندي، نوع بندي.

species (اسپيشيز) n a group of individuals having common characteristics, specialized from others of the common chracteristics, specialized from others of the same genus; a group of closely allied mutually fertile individuals showing constant differences from allied groups, placed under a genus; a kind, sort, type; outward appearance, visible form; a eucharistic element; a visual image. جنس، قسم، صنف، ڍنگ، صورت، ٻهاڻي، ذات، شڪل، پالت، نوع، نسل، ٻڻ، جات، وهم، وشيش، نوعي، قبيل.

speciesism (اسپيشيززم) n the assumption that man is superior to all other species of animals and that he is therefore, justified in exploiting them to his own advantage. اشرف المخلوقات جو مفروضو.

specific (اسپيسيفڪ)adj, n of special application or origin; specifying; precise; constituting or determining a species; pertaining to or peculiar to a species; (of a parasite) restricted to one particular host; (of a stain) colouring certain structures or tissues only; (of a physical constant) being the ratio per unit volume, area, mass; a remedy or medicine for a particular disease or part of the body; anything that is specific. خاص قسم جو، خاص ذات جو، نيڪ، خاص، مخصوص، وشيش آ ڳس، (دوا) ذاتي، خصوصي، نوعي، جنسي، قسمي، ٺهرايل، اڻ ڳس دوا، خاص دوا، اساڌارڻ.

specification (اسپيسي فڪيشن) n. making, becoming, or being specific; the act of specifying; any point or particular specified; a detailed description of requirements; the description of his or her invention presented by an inventor applying for a patent. تفصيل، تفصيل نامو، تفصيل وار بيان، امتيازي صفت، تشخيص، حد، وستار، وشيش، لرديش، نقشو، خاصيت، خصوصيت، ڪيفيت.

specific gravity (اسپيسيفڪ گريوٽي) n. relative density. خاص وزن، نسبتي ڳهاڻائي، جنسي وزن، نوعي وزن، خاص ڳراڻ.

specific heat or specific heat capacity (اسپيسيفڪ هيٽ يا گريوٽي) n. the number of heat units necessary to rise the unit of mass of a given substance one degree in temperature. خاص يا مخصوص گرمي، مخصوص حرارت، نسبتي حرارت.

specific impulse (اسپيسيفڪ امپلس) n a measure of the efficiency of a rocket engine, the ratio of the thrust obtained to the fuel consumed, usu per second. راڪيٽ جي انجڻ جي خوبي ڄاڻڻ جو ماڻ ته جيئن ان جي خلا.

specific name (اسپيسفڪ نيم) **n.** in biological nomenclature, the name of the specie, ie the second name, the first being the generic name.. خاص نالو. مخصوص نالو. ذاتي يا رڪيل نالو. اسم خاص.

specify (اسپيسفاءِ) **vt** to mention particularly; to make specific; to set down as required. تفصيل ۾ شامل ڪرڻ. وچورڻ. تفصيل وار ٻڌائڻ. ظاهر ڪري ڏيکارڻ. خصوصيت ظاهر ڪرڻ. نروار ڪرڻ. خاصيت طور ٻڌائڻ. بياني تشريح.

specimen (اسپيسي مئن) **n, adj** an object or portion serving as a sample, esp for purposes of study, collection or consideration; a remarkable type; a urine, blood or tissue sample; derogatorily, a person; for use as, or of the nature of, a specimen; representative.. نمونو. مثال. نمائندو. عجيب شيءِ. قسم. جنس. وڙ. خاص طور تيار ڪيل. نمونې طور جوڙيل. مثال يا نموني طور استعمال ڪيل مائهو.

specious (اسپيشس) **adj** beautiful; showy; looking good at first sight; plausible, but wrong or inaccurate in reality.. سهڻو. خوبصورت. ڏسڻ ۾ سٺو. ڏيکاءُ. ملمائي. ظاهر ۾ سچو. نمائشي. مصنوعاتي. ظاهري خوشنما. ڏيکدار.

speck[1] (اسپيڪ) **n, vt** a small spot; a particle; a spot. ڏبو. چٽو. داغ. لڪو. نشان. تخم. ثمر. ذرو. هَوَ. رتي.

speck[2] or **spek** (اسپيڪ) **n** fat; bacon; blubber from a whale. چربي. سڪيو گوشت. وهيل مڇيءَ جي چربي.

speckle (اسپيڪل) **n, vt** a little spot, of colour; a grainy pattern on or forming a photographic image, caused by atmospheric interference; to mark with speckles. لڪو. ڏبو. داغ. چٽو. نشان. چٽا ڪرڻ. داغي ڪرڻ. داغڻ. ڪرلو. چٽي. چٽڻ.

speckle interferogram (اسپيڪل انٽر فيروگرام) **n** a visual record produced by speckle interferometry. خلا مان حاصل ڪيل تصويرون.

speckle interferometry (اسپيڪل انٽرفيروميٽري) **n.** a method of obtaining information, esp a visual image of a distant stellar object by the processing and analysis of a number of short-exposure speckle photographs. خلا يا فضا ۾ موجود شين جي باري ۾ تصويرون حاصل ڪرڻ ۽ انهن بابت ضروري معلومات حاصل ڪرڻ جو طريقو.

specktioneer or **specksioneer** (اسپيڪشنير) **n.** the chief harpooner in whale-fishing (Ger). وهيل مڇي مارڻ وارو خاص. مکيه يا مرڪزي شڪاري.

spectacle (اسپيڪٽيڪل) **n.** a sight; a show, pageant or exhibition; a pair of lenses (for correcting the eye sights) mounted in frames with side-pieces to grip the temples; a marking on an animal resembling spectacles. ڏيک. تماشو. مزو. نظارو. نمائش. نماءُ. چهچٽو. جانور جي چهري تي عينڪ نما نشان. چهري تي اهڙو نشان جنهن مان ائين لڳي ڄڻ ته عينڪ پاتل هجي.

spectacled (اسپيڪٽيڪلڊ) **adj.** wearing spectacles; having rings around the eyes like spectacled cobra, spectacled bear; spectacled barwing - babbler. عينڪ پاتل. ڪويا لڳل. چشمو پاتل. عينڪ وارو ڪارو نانگ. ڏکڻ آمريڪا جو عينڪ وارو ڪارو رڇ. عينڪ وارو ميڙهو پکي وغيره.

spectacular (اسپيڪٽيڪولر) **adj, n.** of the nature of, or marked by, display; sensation, extremely impressive; a theatric show, esp on television, or any display, that is large-scale and elaborate. تماشي جو. ڏيکدار. نمائشي. شاندار. ڏيکاءُ وارو. عاليشان. تمام وڏي پيماني وارو نماءُ.

spectator (اسپيڪٽيٽر) **n.** a person who looks on.. ڏسندڙ. ناظر. تماشائي. درشڪ. ڏسڻ وارو. ساکي. تماشبين. ڏسڻ وارو. جاچيندڙ.

spectatorship (اسپيڪٽيٽرشپ) **n.** the action, office or quality of a spectator. تماش بين واري حالت. تماشبين ٿيڻ.

spectator sport (اسپيڪٽيٽر اسپورٽ) **n.** a sport that has great appeal for spectators. نمائشي راند يون.

spectral (اسپيڪٽرل) **adj.** relating to, or like, a spectrum; relating to, or like a spectre. رنگي. طيفي. رنگ. بابت. ڀوت جو يا جن جهڙو. انهن رنگن جي باري ۾ جيڪي اوندهه ۾ شعاع ٻوڻ سان نظر ايندا آهن.

spectral type (اسپيڪٽرل ٽائيپ) **n** one of the different groups into which stars can be classified according to characteristics of their spectra. طيفي قسم. طيفي نمونو. آسمان مان موجود تارن کي سندن ڪن خاص خصوصيتن جي بنياد تي مختلف جٿن يا ٻرجن ۾ ورهائڻ جو طريقو.

spectrality (اسپيڪٽرلٽي) **n** the state of being spectral; a spectral object. جن يا روح واري حالت. غير جسماني ٻهڪ.

spectre or **specter** (اسپيڪٽر) **n** an apparition; a ghost, phantom; a hunting fear or premonition.. ڀوت. جن. ڇاڇو. روحَ. ديو. پري.

spectre bat (اسپيڪٽر ٻٽ) **n** a leaf-nosed bat. ٻن صورت نڪ وارو چمڙو. ڊيڄاريندڙ صورت وارو چمڙو. جن چمڙو.

spectre crab (اسپيڪٽرڪرٻ) **n** a glass crab.. طيفي ڪيڪڙو.

spectre insect (اسپيڪٽرانسيڪٽ) **n** a phasmid.. طيفي جيت.

spectre lemur (اسپيڪٽرليمر) **n.** the tarsier. لنگور. ليمر. پولڙو. ٻليءَ شڪل پولڙو. شرميلي ٻلي.

spectre shrimp (اسپيڪٽرشرمپ) **n** a skeleton shrimp. سنهو جهينگو يا ڪانگٽ.

spectro- (اسپيڪٽرو) combining form : signifying –

spectre; spectrum. عڪسي، صورت ڏيک، ظاهري نمودار.

spectro-chemistry (اسپيڪٽرو ڪيمسٽري) n chemical spectroscopy. ڪيميائي رنگ بيني، رنگين شعاع بيني.

spectrogram (اسپيڪٽروگرام) n a photograph of a spectrum; a sound spectrogram. رنگدار نقشو، طيفي نقشو، رنگ نما.

spectrograph (اسپيڪٽرو گراف) n a spectroscope designed for use over a wide range of frequencies (well beyond visible spectrum) and recording the spectrum photographically. رنگ نگار، طيف نگار.

spectroheliogram (اسپيڪٽرو هيليو گرام) n a photograph of the sun by monochromatic light. سج جي هڪ رنگ واري تصوير، طيفي شمس نگار.

spectroheliograph (اسپيڪٽرو هيليوگراف) n an instrument for taking a monochromatic photograph. هڪ رنگي تصوير ڪڍڻ جو اوزار.

spectrohelioscope (اسپيڪٽرو هيليوسڪوپ) n an instrument with which one can observe an image of the whole solar disc in the light of a single particular wavelength. سج جي مشاهدي جو اوزار، شمس بين.

spectrology (اسپيڪٽرولاجي) n the study of ghosts; the science of the spectrum or spectrum analysis. جنن جو اڀياس، جنن ڀوتن بابت ڄاڻ ۽ علم، علم طيفيات.

spectrometer (اسپيڪٽروميٽر) n an instrument for measuring refractive indices; one used for measurement of wavelength or energy distribution in a heterogeneous beam of radiation. اهڙن رنگن جي ماپ جو اوزار جي اوندهه ۾ شعاع پوڻ سان نظر اچن، رنگ پيما، طيف پيما، رنگين شعاع پيما، روشنيءَ جا رنگ پرکڻو اوزار.

spectrophotometer (اسپيڪٽروفوٽو ميٽر) n an instrument for measuring intensity of each colour or wavelength present in an optical spectrum. روشني رنگ پيما، روشنيءَ جي رنگين ترورن ماپڻو، طيف پيما.

spectroscope (اسپيٽروسڪوپ) n a general term for an instrument used in spectroscopy, the basic features of which are a slit and collimator for producing a parallel beam of radiation, a prism or grating for 'dispersing' different wavelengths through differing angles of deviation, and a telescope, camera or counter tube for observing the dispersed radiation. اهڙن رنگن جي ماپ ۽ مشاهدي جو اوزار جيڪي اوندهه ۾ شعاع پوڻ سان ڏسڻ ۾ اچن، رنگ بين، طيف بين، شعاع بين، رنگين عڪس بين، رنگ پرکڻو اوزار يا ڪئميرا (جيڪا ڦهليل جوهري اثر کي پرکڻ ۾ مدد ڪري).

spectroscopic binary (اسپيڪٽروسڪوپڪ بائنري) n a binary star whose components are too close to be resolved visually, but can be resolved spectroscopically. پٽو تارو جيڪو پري کان هڪ نظر اچي ۽ صرف مخصوص اوزار سان ٻه تارا ڏسجي.

spectrum (اسپيڪٽرم) n an after-image; the range of colour produced by a prism or diffraction grating; any analogous range of radiations in order of wavelength; range of frequencies of sound or a sound; the range of effectiveness of a drug, esp an antibiotic; range of opinions, activities etc. اها تصوير جا اکيون بند ڪرڻ کانپوءِ به ڏسڻ ۾ اچي، رنگا رنگي پٽي، عڪس شعاع، طيف، ست رنگي پٽي، رنگ سان شعاع ظاهر ڪندڙ اوزار، دوا جي اثر جي حد، خيالن جي حد.

spectrum analysis (اسپيڪٽرم اينالاسز) n determination of chemical composition by observing the spectrum of light or X-rays coming from or through the substance. تصويرجي ڪيميائي بناوت جو مشاهدو يا پرک، طيفي تجزيو، رنگ تشريح.

specular (اسپيڪيولر) adj mirror like; having a speculum; by reflection; visual; giving a wide view. آئيني جهڙو لسو، اڇو، چمڪدار، آئيني نما، آرسي صفت.

specular iron (اسپيڪيولر آئرن) n a brilliant steely crystallized haematite. صاف فولاد، چمڪدار لوهه.

specular stone (اسپيڪيولر اسٽون) n. any transparent or semi-transparent mineral, such as mica, selenite, talk. بلوري پٿر، بلوري معدنيات، ابرق.

speculate (اسپيڪيوليٽ) vi, vt to reflect; to theorize; to make conjectures or guesses; to take risk in hope of gain, esp. in buying and selling; to look at or into, view, examine; to observe; to view in a mirror; to make conjectures about. سوچڻ، خيال ڪرڻ، ڏڪو هڻڻ، اندازو لڳائڻ، سٽو هڻڻ، تڪڻ، نفع لاءِ سيڙپ ڪرڻ، خيال پچائڻ، تحقيق ڪرڻ، اندازو ڪرڻ، نظارو ڪرڻ، مشاهدو ڪرڻ، خيال ڪرڻ، تصور ڪرڻ، سٽو هڻڻ، ساٽا هڻڻ.

speculation (اسپيڪيوليشن) n act of speculating or its result; theorizing; conjecture; mere guesswork; a more or less risky investment of money for the sake of unusually large profits; a card game in which trumps are bought and sold; vision; viewing; an observer. سوچ ويچار، قياس، خيال، حڪمت، الڪل، لل، تڪ، سٽو، بازي، اندازو، تصور، منصوبو، سٽاءِ، عملي تحقيق، ڏڪو، تاس جي پتن جو ڏيڻ وٺڻ، ڪلپنا، حڪمت قياسي.

speculatist (اسپيڪيوليسٽ) n a speculative philosopher; a speculator. ڏڪئي، سٽائي منصوبي ڪار، سٽاءِ ڪار، سٽو هڻندڙ يا ڪندڙ.

speculative (اسپيڪوليٽو) adi of the nature of, based on, given to, speculation or theory. سٽو هڻندڙ، ڏيائي، خيالي، گماني، فرضي، نظري، سٽا هڻندڙ، ڏيائي، نظري قياسي.

speculator (اسپيڪيوليٽر) n one who speculates in any

sense; a watchman, lookout.سنائي، ڏڪائي، ناظر، جاچ ڪندڙ، عالم ڏسندڙ، نظر رکندڙ، عالم نظري، چوڪيدار سنڀاليندڙ.

speculatory (اسپيڪيوليٽري) **vi** exercising speculation; adapted for spying or viewing. سٽو، ڏڪو، ڏسڻ يا چوڪسيءَ لاءِ ڀيھاريل.

speculatrix (اسپيڪيوليٽرڪس) **n** a female speculator. سٽا هڻندڙ مائي، سٽي باز عورت.

speculum (اسپيڪيولم) **n** a mirror; a reflector of polished metal; an instrument for inserting into and holding open a cavity of the body so that the interior may be inspected; a bright patch on a wing, esp a duck's. آئينو، شيشو، آرسي، درسني، درپن، اهڙو اوزار جنھن سان جسماني سوراخن کي وڏو ڪري ڏٺو ويندو آهي، عڪس انداز، عڪس بين.

speculum metal (اسپيڪيولم ميٽل) **n** an alloy of copper and tin, with or without other ingredients, which can be highly polished and used for mirrors, lamp reflectors, etc.چمڪندڙ ڌاتو جو آئيني يا روشنيءَ جي موٽ طور ڪتب اچي.

speech (اسپيچ) **n, vt & vi** that which is spoken; language; the power of speaking; manner of speaking; a continuous spoken utterance; a discourse, oration; talk; colloquy; mention; the sounding of a musical instrument; parole; a rumour; a saying; to harangue.وائي، ٻولي، ڳالهائڻ جي طاقت، چوڻ، زبان، ڳالهه ٻولهه، گفتار، تقرير، ذڪر، واڪ، ڳالهه، سخن، چوڻي، افواهه، ٻول، گفتو، بيان، تقرير، ڪلام، وياکاڻ، ڳالهائڻ جي سگهه، موسيقيءَ جو اوزار، ساز.

speech act (اسپيچ ائڪٽ) **n** an utterance, such as a directive, defined in terms of the content, the intention of the speaker and the effect on the listener. ڳالهائڻ جو ڪم، ڳالهائڻ جو اثر، ڳالهائڻ جو عمل.

speech craft (اسپيچ ڪرافٽ) **n** philology; rhetoric.ٻوليءَ جو علم، لساني شبد وديا، علم زبان، علم لغات، علم لسانيات جي اهڙي شاخ جيڪالفظ جي اتپا تي بحث ڪري، جيئن سنڌي لفظ آڪو ياآڪا فارسيءَ جي آغا مان آيو، فارسيءَ ۾ واري عربي لفظ آقا مان آيو ۽ پشتو ۾ اهولفظ آڪا ٿيو.

speech crier (اسپيچ ڪرائير) **n** a hawker of broadsides giving hanged criminals' dying speeches. ڪهورڙيو، پڙهو ڏيندڙ، ڦاسيءَ جو اعلان ڪرڻ وارو عملدار.

speech day (اسپيچ ڊي) **n** the public day at the close of a school year, or on which prizes won during the previous year are presented.ڪنهن اسڪول جو ساليانو ڏينهن، ساليالي ڏينهن جي تقريب.

speechful (اسپيچ فل) **adj** loquacious; expressive.گهڻ ڳالهائو، ڳالهائيندڙ، فصيح تقرير ڪندڙ.

speechify (اسپيچي فاءِ) **vi** to make speeches, harangue (implying contempt).تقريرون ڪرڻ، بڪواس ڪرڻ، گهٽ وڌ ڳالهائڻ.

speechless (اسپيچ ليس) **adj** destitute or deprived of the power of speech..گونگو، بي زبان، چُپ، آوائي، ماٺ، لاجواب.

speechmaker (اسپيچ ميڪر) **n** someone who speaks, or is accustomed to speaking, in public..ڳالهائو، مقرر، تقرير ناهيندڙ، تقريرڪرڻ جو ماهر.

speech recognition (اسپيچ ريڪگنيشن) **n** the understanding of an individual's speech patterns, or of continuous speech, by a computer.ڪنهن جي ٻولي سمجهڻ، ڳالهه يا آواز سڃاڻڻ، ڪمپيوٽر جو آواز کي سڃاڻڻ جو سرشتو.

speech therapy (اسپيچ ٿراپي) **n** treatment of speech and language defects.bole ٻولي سڌارڻ، ٻولي کي ٺيڪ ڪرڻ، ڳالهائڻ ۾ هٻڪ وغيره کي ختم ڪرڻ جو علاج.

speech training (اسپيچ ٽريننگ) **n** training in clear speech. ڳالهائڻ جي تربيت، ٻوليءَ جي سکيا.

speech-writer (اسپيچ رائيٽر) **n** a person employed to write speeches for a politician, to deliver.(ڪنهن) سياسي اهلڪار لاءِ تقرير لکندڙ.

speed (اسپيڊ) **n, vt & vi** quickness, swiftness, dispatch; the rate at which a distance is covered; the time taken for a photographic film to accept an image; amphetamine; success, good fortune; a help to success; to move quickly; to hurry; to drive at high, or at dangerously, unduly, or illegally high speed; to succeed fare; to send swiftly; to push forward; to hasten; to betake with speed.تيزي، جلدائي، سگهائي، سيگهه، تڪڙ، جلدي، ترت، تک، چوهه، چال، تکائي، ڦڙتائي، چالاڪي، رفتار، ڪاميابي، تڪڙو هلائڻ، تڪڙ ڪرڻ، سگهائي، سگهاءُ، قوت رفتار، چنڪي، شتابي، سولي چال، سڀاڳ، سک، چوهه مان هلائڻ، ڪامياب ٿيڻ، چوهه مان روانو ڪرڻ، جلدي ڪرڻ، تڪڙو وڃڻ، چوڙڻ، اماڻڻ، اڳ ولڻ، اڳ لڪرڻ.

speedball (اسپيڊبال) **n** a team sport with eleven players a side, combining many elements of soccer, basketball and rugby; a mixture of cocaine and opiates, esp heroin or morphine.يارهن رانديگرن جي بال سان کيڏڻ واري راند، تيز نشي وارو مادو.

speedboat (اسپيڊ بوٽ) **n** a very swift motorboat.تکي ٻيڙي يا لانچ.

speed bump (اسپيڊ بمپ) **n** a low hump across a road intended to slow down traffic.روڊ تي رفتار گهٽ ڪرڻ لاءِ دِڪو، يا ننڍڙو دڙو.

speed-cop (اسپيڊ ڪاپ) **n, adj** a policeman who watches out for motorists who are exceeding a

speed limit. سپاهي جيڪو تيز گاڏي ڊوڙائيندڙن تي نظر رکي.

speeding (اسپيڊنگ) n success; promotion, furtherance; progressive increase of speed; motoring at excessive speed. واڌ ڪاميابي، رفتار جي تيزي، تمام گهڻي يا تيز رفتار سان گاڏي هلائڻ.

speed limit (اسپيڊ لمٽ) n the maximum speed at which motor vehicles may be driven legally on certain roads.رفتار جي حد، وڌ ۾ وڌ رفتار جنهن مطابق ڪنهن رستي تي گاڏي هلائي سگهجي.

speed merchant (اسپيڊ مرچنٽ) n one who drives a motor vehicle exceedingly fast. گاڏي تيز ڊوڙائيندڙ.

speedometer (اسپيڊو ميٽر) n a device indicating the speed at which a vehicle is travelling.(گاڏيءَ جو) رفتار ماپ اوزار، موٽر جي رفتار ڏسيندڙ اوزار.

speed reading (اسپيڊ ريڊنگ) n a technique of very rapid reading, by which words are taken in phrases or other groups instead of singly.تمام تيز رفتار سان پڙهڻ جو طريقو، نظر وجهي پڙهندو وڃڻ جو طريقو.

speed skating (اسپيڊ اسڪيٽنگ) n a sport in which two or more ice- or roller-skaters race on a track for a number of separate distances, the winner being the skater who accumulates the fewest overall time points.برف تي راند ڪرڻ جو قسم، برف تي چاڪڙين سان ڊوڙڻ.

speedster (اسپيڊسٽر) n a speedboat; a fast sports car; someone who speeds, in driving.راند لاءِ تکي گاڏي، لانچ، تکو هاڪيندڙ.

speed trap (اسپيڊ ٽريپ) n a section of road over which the police (often using radar) check the speed of passing vehicles and identify drivers exceeding the limit.رستي جو اهو حصو جتي پوليس گاڏين جي تيزي يا رفتار کي چڪاسي.

speed up (اسپيڊ اپ) n an acceleration, esp in work.رفتار وڌائڻ، تيز ڪرڻ، ڪم جي رفتار وڌائڻ.

speed way (اسپيڊ وي) n a road for fast traffic; the sport of motorcycle racing on the short oval cinder track; such a track.تکي اچ وڃ لاءِ رستو، موٽر سائيڪلن جو ڊوڙائڻ وارو خاص رستو.

speed well (اسپيڊ ويل) n any species of the scrophulariaceous genus Veronica, typically blue-flowered with posterior petals united and lacking a posterior sepal. سبز آبي ٻوٽو.

Speedwriting ® (اسپيڊ رائٽنگ) n a type of shorthand, in which letters of the alphabet stand for words or sounds, as u for you. چوهو لکڻ جو طريقو، اڌ اکري لکت.

speed up (اسپيڊ اپ) adj to quicken the rate of working. ڪم جي رفتار وڌائڻ.

speedy (اسپيڊي) adj having speed; quick.تيز، تکو، تيز هلڻو، تيز رفتار، تکڙو، ترت، سگهو، هڪدم.

speedy cut or cutting (اسپيڊي ڪٽ آر ڪٽنگ) n injury to a horse's foreleg by the opposite shoe.گهوڙي جي اڳين ڄنگهه جو زخم، گهاءُ.

speel[1] (اسپيل) vt, vi & n to climb; a climb.چنبڙڻ، چڙهڻ، چاڙهي.

speel[2] (اسپيل) n a splinter of wood. ڇيٽ، ڇيڙ.

speir or speer (اسپيئر) vt, vi to ask, inquire.پڇڻ، چوڻ، پڇاڳاڇا ڪرڻ، جاچ جوچ ڪرڻ.

speiss (اسپيس) n a mass of arsenides and commonly antimony compounds, a first product in smelting certain ores. ڌاتن جي ٻهرين ڳار وقت حالت يا صورت.

speiss cobalt (اسپيس ڪوبالٽ) n smaltite (Ger).معدني ڌاتو.

spekboom (اسپيڪ بوم) n a S African succulent shrub of the purslane family (Du).لوڻڪ جي قسم جو ڏکڻ آمريڪي ٻوٽو.

spelaean or spelean (اسپيلئن) adj cave-dwelling.غار يا چر ۾ رهندڙ، غار باش.

spelaeology or speleology (اسپيلئالاجي) n the scientific study of caves; exploration of caves.غار جو ابياس، غارن جي جاچ جوچ.

spelaeothem or speleothem (اسپيليٿم) n a term for depositional features, such as stalactites and stalagmites, found in caves.غارن مان ملندڙ مختلف معدني مادا.

speld or spelder (اسپيلڊ آر اسپيلڊر) vt to spread open or sprawlingly; to slit and lay open.ڦهلائڻ، ٽيڙڻ، پکيڙڻ، چيرڻ، کولڻ، کولي رکڻ.

spelk (اسپيلڪ) n a splinter, of wood etc. ڇيٽ، ڇَيرَ.

spell[1] (اسپيل) n, vt & vi a magic formula; a magic influence; enchantment; entrancement; to say to spell over; to bind with a spell; to enchant; to discourse.جادو، منتر، ڪشش، موهه، ڦيشو، لولو، مَنڊ، مَنڊڻ، جادو ڪرڻ، اثر وجهڻ، دل رٻائي، چمڪ، سحر.

spell[2] (اسپيل) vt, vi to read laboriously, letter by letter; to name or set down in order the letters of; to constitute or represent orthographically; to make out, come to understand; to scan; to signify, indicate, amount to; to spell words, esp correctly; to contemplate; to express or hint a desire.هجي ڪرڻ، اچارڻ، الڪي الڪي پڙهڻ، اکرن مان لفظ ٺاهڻ، خواهش ظاهر ڪرڻ، سمجهڻ، سوچڻ، اشارو ڏيڻ، دل رٻائي، اشاري رستي منشا ڏيڻ.

spell[3] (اسپيل) **vt, vi** to take the place of at work; to relieve, give a rest to; to take a turn at; to take turns; to rest; a shift; a turn at work; a bout, turn; a short time; a stretch of time; a fit (of irritation, illness)وارو ولڻ. ڪم جو وارو. ٻئي جي جاءِ تي ڪم ڪرڻ. واري ولي ڪرڻ. هٿ ونڊائڻ. ٿورو وقت واري سان ڪم ڪرڻ. آبهوائي مدو. مخصوص آبهوا وارو مدو. موسم جو دؤر. عرصو. دؤرو.

spell[4] (اسپيل) **n** a splinter; a rung; a trap for throwing up the knur in knur and spell.چيت. چپر. منڊ. راند جو هڪ ڪاٺ جو بال. هوڏڙي.

spell backward[1] (اسپيل بئڪ ورڊ) **vt.** to spell in reverse order; perversely to misrepresent or misconstrue the qualities of.لفظ کي ابتو ڪري پڙهڻ.غلط هجي ڪرڻ. غلط معنيٰ ڪڍڻ. غلط سمجهڻ جيئن اقبال - لابقا.

spell backward[2] (اسپيل بئڪ ورڊ) **vt.** to do something difficult, probably because backer was one of the first disyllables in old spelling booksڪو ڏکيو ڪم يا عمل ڪرڻ. مشڪل ڪم ۾ هٿ وجهڻ.

spellbinder (اسپيل بائينڊر) **n** an orator, usu political or evangelical, who holds his or her audience spellbound; any person or thing that entrances..مقرر. اثرائتي تقرير ڪندڙ. منڊلو. اثر هيٺ آڻيندڙ. خوش ڪندڙ. مسحورڪن. سحر وجهندڙ ماڻهو.

spellbound (اسپيل بائونڊ) **n** bound by a spell; entranced. مَنڊيل. جادو ڪيل. چليل. موهت.

spelling bee or **spelldown** (اسپيلنگ بي) **n** a spelling competition. هجي جي شرط يا پيت. مقابلو. املاء جو مقابلو.

spelling book (اسپيلنگ بوڪ) **n** a book for teaching to spell. هجي جو ڪتاب. املاء جو ڪتاب.

spelling check (اسپيلنگ چيڪ) **n** a programme in a word-processor that checks the accuracy of the operator's spelling.ڪمپيوٽر هجي يا گفتار جي جاچ جوچ. جو پروگرام جنهن ۾ املاء کي درست ڪري سگهجي.

spellingly (اسپيلنگ لي) **adv** letter by letter.اکر ۾ اکر ڳنڍي لکيل لفظ.

spell pronunciation (اسپيل پرونئسيئيشن) **n** a pronunciation of a word that, as a side-effect of literacy, closely represents its spelling, superseding the traditional pronunciation.اچار. لفظ جنهن جو پاڻ سرادو اچار نڪري. اچاري لفظ.

spelt (اسپيلٽ) **n** an inferior species of wheat, grown in the mountainous parts of Europe.گهٽ درجي واري ڪڻڪ. خام ڪڻڪ. جرمن ڪڻڪ.

spelter (اسپيلٽر) **n** zinc, esp impure zinc..ڪچو جست. جست ڌاتو. غير خالص جست. خام جست.

spelunker (اسپلنڪر) **n** a person who explores caves as a hobby. غارن جي شوقيہ جاچ يا تحقيق ڪندڙ.

spence (اسپينس) **n** a larder; a pantry; an inner room, parlour..نعمت خانو. پانڊو. گدام. ڪوٺي. اناج رکڻ جو گدام. مودي خانو. پنڊارو. کاڌي جي ڪوٺي.

spencer[1] (اسپينسر) **n** a kind of wig; a short double-breasted overcoat; a woman's short undergarment, formerly over-jacket..ڪرتي. (مستي لاءِ) وارن جي ٽوپي. صدري. پيٽي ڪوٽ (عورتن لاءِ).

spencer[2] (اسپينسر) **n** (in ships and barques) a fore-and-aft trysail abaft the fore and main mast.جهاز جي ڪوهي جو اڳيون ۽ پٺيون حصو.

spend (اسپينڊ) **vt, vi** to expend; to pay out; to give, bestow, employ, for any purpose; to shed; to consume; to use up; to exhaust; to waste; to pass time; to make expense; an act of, or the sum of money available for spending..خرچ ڪرڻ. کپائڻ. ڪاٽڻ. گذارڻ. ڪم آڻڻ. پورو ڪرڻ. ٽڪائڻ. پچڻ. ڪٽڻ. کپي وڃڻ. صرف ڪرڻ. خرچڻ. وهائڻ. ساڙڻ. ختم ڪرڻ. خلاص ٿيڻ. پورو ٿيڻ. خرچ لاءِ مقرر ڪيل رقم. ماهيانو.

spend all (اسپينڊ آل) **n** a spendthrift.سڀ هٿ ڦاڙ. اڏائو. کپائيندڙ. فضول خرچ. خرچائو. پالو. وڃائو.

spending money (اسپينڊنگ مني) **n** pocket money.کيسي خرچ. جيب خرچ

spendthrift (اسپينڊٿرفٽ) **n, adj** someone who spends the savings of thrift; a prodigal; excessively lavish. لک لٽائو. کپائيندڙ. پالوُ. فضول خرچ. هٿ ڦاڙ. وڃائو.

spenglerian (اسپين گليرئن) **adj, n** of or pertaining to the German historian Sswald Spengler and his work, esp the theory that all world civilizations are subject to the same inevitable cycle of growth and decline.جرمن تاريخدان ۽ سندس اصول تہ هيءَ دنيا ترقي ڪندي ۽ تباهہ ٿيندي رهندي آهي. تهذيبن جي اڳتي وڌڻ ۽ ختم ٿيڻ جو اصول.

spent (اسپينٽ) **adj** used up; exhausted; (of fish) exhausted by spawning; (of a mast or yard) broken during bad weather.خرچ. هجيل. ڪم آندل. ڪاٽل. ٿڪل. ڪيو. گذاريو. خرچيو. خراب موسم ڪري ڦاٽل سڙهہ يا ڀڳل ڪوهو.

spent force (اسپينٽ فورس) **n** a person or thing whose former strength, usefulness is exhausted.طاقت ختم ٿيل. قوت ختم ٿيل. ستو. ٿڪل. بيڪار. هجيل. پورو ٿيل.

speos (اسپيوس) **n** a grotto-temple or tomb..گرجا. مقبرو. مندر.

spergula (اسپرگولا) **n.** the sprrey genus of plants, related to chickweed. لنڊي مٽر جي جنس جو ٻوٽو.

spergularia (اسپرگولريا) **n** the related sandwort-spurry genus. ٻوٽي جي جنس.

sperm (اسپرم) n semen; spermatozoa; any generative substance; eggs, spawn, brood, offspring; the chalaza of a hen's egg; a sperm whale; a sperm oil; a sperm candle; spermaceti..منيءِ، تخم، ويرج، ماده حيات، آنا، نطفو، ذات، اسپرم وهيل مڇي، ويسر يا مانگر مڇ جي چربي، نر جو جمڻ وارو يا ڳيندڙ مادو، وهيل مڇيءَ جي چربيءَ مان ٺاهيل ميڻ بتي.

-sperm (اسپرم) sfx : denoting seed..لفظي پڇاڙي – ٻج، تخم، نطفو، ويرج، آنو.

spermaceti (اسپرميسيٽي) n, adj a waxy matter obtained mixed with oil from the head of the sperm whale and others.ويسرَ يا ويل جي وَهُ يا چربي، ڪافوري ميڻ، مانگر مڇ جي سر جو تيل.

spermaduct or **spermiduct** (اسپرم ڊڪٽ) n a duct conveying spermatozoa..منيءَ واري نالي يا رڳ، تخم نلي، مني رڳ.

spermarium or **spermary** (اسپرميريم آر اسپرمري) n the male germ gland.نر جزن يا جيوڙن جي ڳوٿري، خصيو، تخم غدود، غدود مني، منيءَ جي ٿيلهي، منيءَ جا غدود.

spermatotheca or **spermatheca** (اسپر ميٽو ٿيڪا آر اسپر ميٿيڪا) n. in female insects, a receptacle in which sperms received are stored.منيءَ جا غدود، ماديءَ جيت جا اهي عضوا جتي نطفو رهندو آهي، ٻج خول، تخم ٿيلهي، منيءَ جا غدود.

spermatic or **spermatical** (اسپر ميٽڪ آر ميٽيڪل) adj of, pertaining to, associated with or conveying sperm; generative. نطفي يا منيءَ بابت، تخمي، منوي، نطفي.

spermatic (اسپرميٽڪ) n a spermatic vessel..منيءَ جي نالي.

spermatic artery (اسپرميٽڪ آرٽري) n either of two arteries that supply blood to the testes.آنورن کي رت پهچائڻ واريون شريانون يا رڳون، تخمي شريان، منيءَ واري شريان.

spermatic cord (اسپرميٽڪ ڪارڊ) n the cord consisting of the vas deferns, blood vessels and nerves, that runs from the abdominal cavity to the testicle.نطفي ڏوري، ويرج ڏوري، ويرج نلي، تخمي ڏوري، منيءَ جي نلي، منيءَ واريون رڳون يا تنتون.

spermatid (اسپرميٽڊ) n a cell that develops directly into a spermatozoon. ڊگهيرڙو تخمڙو، ڊگهو نر جيوڙو.

spermatium (اسپرميٽيم) n a non-motile gamete in red seaweeds; a sporelike structure, part of the reproductive system in some fungi and lichens..تخمڙو، ڦنگيائي نر جيوڙو.

spermato- or **spermat-** (اسپر ميٽو) pfx. denoting (1) sperm; (2) organs or ducts conveying, or associated with, sperm لفظي اڳياڙي – نر جيوڙي سان لاڳاپيل، نطفي، متعلق، تخمڙن بابت.

spermatoblast (اسپرميٽوبلاسٽ) n a spermatid..تخم اخراج، مَني اخراج، بار آور نطفو.

spermatocele (اسپرميٽو سيل) n a cystic swelling of the testicle arising from the epididymis and containing sperm.آنورن جون ڳوٺــريون جن ۾ مني هوندي آهي، تخمي ٿيلهي، تخمي ڇن، آنوري ڳوڙهي.

spermatocyte (اسپرميٽو سائيٽ) n a male sex cell that gives rise to spermatids or develops into an antherozoid. تخم خليو، مني خليو، نر جيوڙي خليو يا گهرڙو.

spermatogenesis or **spermatogeny** (اسپرميٽوجينيس آر جيني) n the process of sperm production in the testes.آنورن ۾ مني ٺهڻ جو عمل، تخم سازي، نطفي پيدائش، توليد مني، جنسي جيوڙي تياري.

spermatogonium (اسپرميٽو گونيم) n one of the cells that by repeated division form the spermatocytes. مادي مني خليو، مادي گهرڙو.

spermatophore (اسپرميٽو فور) n a case enclosing the spermatozoa of certain crustaceans, molluscs and amphibians.ننڍڙن ســامــونڊي جيتن ۽ رڙهندڙ جانورن جي خليي واري ٿيلهي.

spermatophyte, spermaphyte or **spermophyte** (اسپرميٽو فائيٽ) n any member of the spermatophyta, one of the four phyla of the plant kingdom, incl all seed-bearing plants.ٻج وارو ٻوٽو، تخمي ٻوٽو، ٻج جهليندڙ ٻوٽو.

spermatorrhoea or **spermatorrhea** (اسپر ميٽوريا) n involuntary discharge of semen..منيءَ جو وهڻ، جريان مني، پرميل (مرض)، سوزاڪ، تخمهير، ويري پات.

spermatozoid or **spermatozoon** (اسپر ميٽو زولڊ آر زون) n a male sex cell, any of the millions contained in semen.نر جزو، نرتخم جيوت، نر تخمي حيوالڙو، نطفي، حيوان شڪل، حيوان مني، تخم حيوان.

sperm bank (اسپرم بئنڪ) n a male sex cell, any of the millions contained in semen, a refrigerated store of semen for use in artificial insemination.منيءَ جي سنڀالڻ واري جاءِ، هترادو طريقي سان سانڍيل نر تخم.

sperm candle (اسپرم ڪينڊل) n. a candle made from spermaceti. ويسر جي چربيءَ مان ٺهيل ميڻ بتي.

sperm cell (اسپرورم سيل) n. a male gamete..منيءَ جو جزو، شڪر ڪڻ، تخم گهرڙو، نطفي خليو، نطفي ڪڻ، تخمي خليو.

sperm count (اسپرم ڪائونٽ) n a measure of male fertility found by estimating the concentration of spermatozoa in semen.منيءَ ۾ تخمي گهرڙن جي موجودگيءَ جو اندازو، ڳاڻيٽو، ڳاڻاپو يا تعداد.

spermic (اسپرمڪ) adj spermatic..منيءَ بابت، مني، نطفــو، تخمڙو.

spermicide (اسپرمي سائيڊ) **n** any substance which kills spermatozoa. تخمڙن کي ناس ڪندڙ مادو.

spermogone or **spermogonium** (اسپرموگون آر گونيم) **n** a flask-shaped structure in some fungi and lichens in which spermatia are produced. تخمڙي دان.

sperm oil (اسپرم آئل) **n** oil from the sperm whale. ويسر جي چربيءَ جو تيل. اسپرم وهيل جي چربيءَ جو تيل.

spermophile (اسپرموفائيل) **n** a ground squirrel, a N American rodent related to the true squirrels and regarded as a pest in many areas. تخم پسند، نطفي پسند. نوريئڙي جي جنس جا جانور (جيڪي پوکن کي ناس ڪندا آهن). اتر آمريڪي ارضي نوريئڙا.

spermous (اسپرمس) **adj** spermatic; of, derived from, or relating to the sperm whale. تخمي، منوي، نطفي، منيءَ جي باري ۾. ويسر جي چربي يا چربيءَ جهڙو.

sperm-whale (اسپرم ويل) **n** the cachalot, a whale from which spermaceti is obtained. چربيءَ وارو ويسر. مانگر مڇ. وهيل مڇي. اسپرم وهيل.

sperre (اسپر) **vt** to bolt, بلٽ ڏيڻ. روڪڻ. بندڻ.

sperrylite (اسپر يلائٽ) **n** a white lustrous metallic mineral, platinum diarsenide in cubic crystalline form. لسو ۽ چمڪندڙ معدني مادو. بلوري معدني مادو.

spessartite or **spessartine** (اسپيسر ٽائٽ آر ٽائن) **n** a dark, orange-red garnet, a silicate of manganese and aluminium, used as a gemstone. ريک مال جو پٿر. گارنيٽ ۽ مئگنيز جو مرڪب. نيم جواهر معدن.

spetch (اسپيچ) **n** a piece of hide, undressed leather used in making glue. چمڙي جو ٽڪرو جيڪو چنبڙندڙ يا ڪئولر جهڙو مادو ٺاهڻ جي ڪتب اچي.

spew or **spue** (اسپيو) **vt, vi & n** to vomit; to ooze, run; vomited matter; a marshy spot. الٽي ڪرڻ. قيءِ ڪرڻ. ڪيد ڪرڻ. ڪيدي چڙڻ. اوڪارڻ.

spewy (اسپيوئي) **adj** boggy; awful, despicable; very angry. ڏٻڻ وارو، خوفائتو، ڪاوڙيل، ڪميڻو.

sphacelate or **sphacelated** (اسفيسليٽ) **vt, vi** to cause, or affect with, gangrene or mortification; necrosed; dark and shrunken, as rye affected with ergot جسم جي گوشت جو سڙڻ يا ڳرڻ. ساڙ مرض لڳل. ڪارو ۽ ڳريل.

sphacelus (اسفيسيلس) **n** (an instance of) necrosis, mortification. گوشت جو خراب ٿيڻ يا سڙڻ.

sphaeridium (سفيريڊيم) **n** a minute spheroidal body on the surface of a sea urchin, perhaps a sense organ. گول دالو. بحري جيوت جي ٻاهران گول دائي صورت بيهڪ.

sphaerite (اسفرائٽ) **n** a hydrous aluminum phosphate. جست جو گندرفي مادو. جست جو ڪچو ڌاتو.

sphaerocobaltite (سفيروڪوبالٽائٽ) **n** cobalt carbonate, occurring in rounded masses. ڪوبالٽ ڪاربن مادو.

sphaerocrystal (اسفيرو ڪرسٽل) **n** a rounded crystalline mass. شفاف مادو. گول بلوري مادو.

sphaerosiderite (سفيرو سڊرائٽ) **n** concretionary clay ironstone. گول ڪچو لوهي مادو. گول ڪچو لوهه.

sphagnicolous (سفيگنيڪولس) **adj** living in peat moss. پوسلي علائقي ۾ رهندڙ. ڳهميل ڪائي باش.

sphagnology (سفيگنولاجي) **n** the study of the sphagnum mosses. علم ڪائي، علم ڳهم ڪائي.

sphagnum (سفيگم) **n** any moss of the genus of boggy areas in temperate regions, forming peat as it decays and used in horticulture, for its water-retentive properties. ڳــــهم ڪائي. ڏٻڻ ڪائي. ڳپ واري ڪائي.

sphairistike (سفائرسٽڪي) **n** the name under which lawn tennis was patented by Walter Wingfield, and by which it was quite widely known for a time.. شروعاتي دؤر ۾ لان ٽينس راند جو سرڪاري طور مجيل نالو.

sphalerite (سفلرائيٽ) **n** zinc blende, a lustrous black or brown crystalline zinc sulphide, the commonest source of zinc. جست جو سلفائيڊ. جست جو ڪچو ڌاتو.

sphene (سفين) **n** the mineral titanite, occurring as wedge-shaped crystals in igneous and metamorphic rocks. ٽائٽينيم جو ڪچو ڌاتو. رنگ برنگ معدنيات.

Sphenisciformes (سفينسي فارميز) **n** the penguin order of birds esp in Antarctic sea. پينگوئن جي جنس جا پکي. ڏکڻ قطب جا اڏامي نه سگهندڙ ساموندي برفاني پکي.

sphenogram (سفينو گرام) **n** a cuneiform character. چپر نما. چپر شڪل اکر.

sphenoid (اسفينائڊ) **adj, n** wedge-shaped, applied to a set of bones at the base of the skull; a sphenoid bone; a wedge-shaped crystal form of four triangular faces. ميخ جهڙو. ميخ نما. پويت هڏو. ميخ جهڙي مٿي جي هڏي. چپر جهڙو. چؤ صورت بلوري مادو.

sphere (اسفيئر) **n, vt** a solid figure bounded by a surface of which all points are equidistant from a centre, any cross-section of which is a circle; its bounding surface or the space enclosed by it; the apparent sphere of the heavens, upon which the stars are seen in projection; any one of the concentric spherical shells which were once supposed to carry the planets in their revolutions; a circle of society or class, of the higher ranks; domain, scope, range; a field of activity; condition of life; a world; mode of being; a ball, globe; a spherical object; a planet; an orbit; to round; to place in a

sphere; to encompass; to send about.. گولو، چڪرو، منڊل، زمين جو گولو، طبق، دائرو، ڪوهه، آسماني گولو، فلڪ، آڪاش، فضا، ڪيتر، چڪر جي جاءِ، آس جي حالت، درجو، رتبو، ڪر يا ڏنڊي جي جاءِ، علائقو، حد، حيثيت، پد، چڪر آستان، اوستا، وشيه، جماعت، طبقو، مٿاهون طبقو، عمل جو دائرو، حياتيءَ يا زندگيءَ جي حالت، مدار، گولو، فوقيت ڏيارڻ، آسمان تي چاڙهڻ، چائنجي وجهڻ، خلا ۾ چڙهڻ، خلا ۾ موڪلڻ.

-sphere (اسفيئر) sfx : (a) having the form of a sphere; (b) the region round the earth (atmosphere). گولي جهڙو، آبهوا، ماحول، فضا، چڪرو، ڪُرهه.

sphere of influence (اسفيئر آف انفلوئنس) n any region over which one nation has a dominant influence. هڪ قوم وارو علائقو، (جي) اثر جو دائرو.

spheric or spherical (اسفيئرڪ آر ڪل) adj of a sphere or sphere; having the form of a sphere; globular; of or relating to the properties of spheres; formed inside or on the surface of a sphere. گولي جهڙو يا وانگر، گولائون، تارن جو، مدوري، گول، ڪروي، گول ڪار، گول متعلق، دائري دار، ستارن جو.

spherical aberration (اسفريڪل ابريشن) n loss of image definition which occurs when light strikes a lens or mirror with a spherical surface.. گولائي هتاءُ، ڪنهن لسي يا آرسيءَ جهڙي سطح تان روشنيءَ جي ڪرڻن جو واپس ٿين ڪري پنهنجو اثر يا پاڇو وڃائڻ.

spherical angle (اسفريڪل اينگل) n an angle formed by arcs of great circles on the surface of a sphere. گول ڪنڊ، گولائين ڪنڊ.

spherical geometry (اسفريڪل جاميٽري) n the branch of geometry dealing with the properties of figures on the surface of spheres. گول صورتن بابت جاميٽريءَ جا اصول، گول ارض پيمائي.

spherical polygon (اسفريڪل پاليگون) n a closed figure bounded by three or more arcs of great circles on the surface of a sphere. گولن رستي آڏاريل بيهڪ.

spherical triangle (اسفريڪل ٽرائنگل) n a three-sided figure bounded by three or more arcs of great circles on the surface of a sphere. گولائون ٽڪنڊو.

spherical trigonometry (اسفريڪل ٽرگناميٽري) n the branch of trigonometry concerned with the measurement of these. گول صورتن جي ماپ ڪرڻ جو علم يا اصول، گول پيمائي.

sphericalness or sphericity (اسفريڪل نيس آر اسفيريسٽي) n. the state or quality of being spherical.. گولائي، گهيرو، اسفريڪل نس يا گولائيت، ڪرويت، ڦرتيءَ جي گولائي.

spherics (اسفيرڪس) n. sing the geometry and trigonometry of the sphere. علم فلڪيات، فلڪيات وديا.

spheristerion (اسفيرسٽيران) n a room or court for ball games. بال وارين راندين کيڏڻ لاءِ وڏو ڪمرو يا ڪليل ميدان.

spherocyte (اسفيروسائٽ) n an abnormal red blood cell that is spherical rather than disc-shaped. رت جو غير رواجي ڳاڙهو جزو.

spherocytosis (اسفيروسائٽوسس) n the presence of spherocytes in the blood, as in certain haemolytic anaemias. رت جي گهٽتائي ۾ رت ۾ موجود خاص جزا.

spheroid (اسفيرائڊ) n a body of figures nearly spherical, but not quite so – a form of ellipsoid. اڻ پورو گول، گول جهڙو، گول نما، گول جهڙي شڪل، ڪُرهي نما.

spheriodize (-ise) (اسفرو ڊائز) vt to develop spherulitic or granular structure in. گول صورت ڏيڻ، اڻ پوري گولائيءَ ۾ بيهارڻ.

spherometer (اسفيرو ميٽر) n. an instrument for measuring curvature of surfaces. گولي يا ڦرتيءَ جي ماپ جو اوزار، گول پيما، ڪرويت پيما، گولائي ماپو، گول ماپيندڙ اوزار.

spherule (اسفيرول) n a small sphere or spherical object. ننڍو گولو، گولي، گول ذرو.

spherulite (اسفيرولائيٽ) n a radiating spherical group of minute crystalline fibres occurring in certain rocks.. ننڍين گولن جي شڪل جو مادو (جو جبلن مان ملندو آهي)، گولائون معدني مادو.

sphery (اسفيري) adj spherical, round; belonging to the celestial spheres. گولائون، مدوري، فلڪي.

sphincter (اسفنڪٽر) n a ring like muscle whose contraction narrows or shuts an orifice, eg the anus.. پَيُو يا گول آنڊو، گول منهن مشڪي ٻنجي، سوراخ بند ماس.

sphingid (اسفنجڊ) n adj (a member) of the sphingidae, the hawk moth family, so called because the posture of its larvae resembles that of the sphinx. پتنگ يا پرواني جي قسم جو جيت، باز صورت پتنگ.

sphingomyelin (اسفنگو مائلن) n a phospholipid derived from sphingosine, occurring in cell membranes. بدلي جزن مان حاصل ٿيندڙ مادو.

sphingosine (اسفنگو سائن) n a hydrophobic amino alcohol, a component of sphingomyelins and cerebrosides. بدلي جزن جو مادو.

Sphinx or sphnix (اسفنڪس) n a monster of Greek mythology, with the head of a woman and the body of a lioness, that lay outside Thebes and proposed riddles to travellers, strangling those who could not solve them; any similar monster or representation of one, esp any of numerous massive stone statues built by the ancient Egyptians; an enigmatic or inscrutable person. هڪ يوناني ڏند ڪٿائي

راڪاس يا ديو جنهن جو مٿو هورت جو ۽ ڌڙ شينهن جو آهي، ابو الهول، لرسنگهو، قديم مصر جو بت جنهن جي منڍي ماڻهوءَ وانگر ۽ جسم شينهن وانگر آهي، عجيب صورت ماڻهو، اڌ وڻندڙ انسان.

Sphinx moth (اسفنڪس ماٿ) n the hawk moth. پروانو، پتنگ.

sphragistic (اسفري جسٽڪ) adj pertaining to seals and signets. مهرن يا سيلن بابت.

sphragistics (اسفري جسٽڪس) n. sing the study of seals and signets. مهرن . نشانين يا ٺپن جو اڀياس.

sphygmogram (اسفائگموگرام) n a sphygmograph record. نبض نگار، نبض شناس.

sphygmograph (اسفگموگراف) n. an instrument for recording the pulse, showing the rate and strength of the beat. نبض جي ڌڙڪن تپاسڻ جو اوزار، نبض نگار، نبض حرڪت نگار، نبض شناس.

sphygmoid (اسفگ مائڊ) adj resembling a pulse. نبض وانگر، نبض نما.

sphygmomanometer or sphygmometer (اسفگمامنو ميٽر آر اسفگموميٽر) n. an instrument for measuring arterial blood pressure, consisting of an inflatable cuff for the arm connected to a column of mercury which indicates systolic and diastolic pressure in millimetres. رت جي داب تپاسڻ جو اوزار، بلڊ پريشر تپاسڻ يا چڪاسڻ جو اوزار، نبض پيما.

sphygmophone (اسفگمافون) n. an instrument that records and transmits pulse beats as sounds. نبض جي ڌڙڪن ۽ آواز تپاسڻ جو اوزار.

sphygmoscope (اسفگماسڪوپ) n. an instrument for making arterial pulsations visible. نبض بين.

sphygmus (اسفگمس) n. the pulse. نبض، ناڙي.

spial (اسپائل) n. observation, watch; a spy, a scout. جاچ جوچ، جاسوسي، خبر چار، پير کڻندڙ، پيري.

spic, spick or spik (اسپڪ) n. one from a Spanish-speaking American country or of Mexican, S American origin; a member of one of the Mediterranean races. اسپيني ماڻهو، پونوچ سمنڊ جي علائقي ۾ آباد قومن جو باشندو.

spica (اسپڪا) n .a bandage wound around an injured limb in repeated figures-of-eight forming a series of over-lapping V-shapes suggesting an ear of barley; in birds, a spur. سنبل نما، سنبل پولو.

spicate or spicated (اسپاڪيٽ) adj in, having, or forming a spike; spikelike. سنبل نما، سنبلي، سنبل دار.

spiccato (اسپاڪيٽو) adj, adv & n. half staccato; spiccato playing, or a spiccato passage. موسيقيءَ جي وچت جو هڪ طريقو.

spice (اسپائس) n, vt any aromatic and pungent vegetable substance used as a condiment and for seasoning food – pepper, cayenne pepper, pimento, nutmeg, mace, vanilla, ginger, cinnamon, cassia; such substances collectively or generally; a characteristic smack, flavour; anything that ads piquancy or interest; an aromatic odour; sweetmeats; a touch, tincture; to season with spice; to tincture, vary or diversify. سرهاڻ، بوءِ، باس، چٽ، مصالحو، چاشني، ويگر، مرچ مصالحو، چهر، گرم مصالحو، چهرو، مصالح دار، اهڙي شيءِ جيڪا سواد وڌائي، چاشت وڌائي، خوشبودار ڪري ، بدلائڻ، مٽائڻ، مصالحو ڳاڙڻ.

spiceberry (اسپائس بيري) n any of several plants having spicy edible berries, eg a small American tree, with black or orange fruits; the fruit of this tree. ڪتيرڙو ٻير جهڙو ميوو، ڪارو يا نارنگي ميوو ڏيندڙ وڻ.

spicebush (اسپائس بش) n an aromatic American shrub of the laurel family. سرهاڻدار پولو، آمريڪي سرهو پولو، خوشبودار پولو.

spicilege (اسپائسليج) n a gleaning; an anthology. چونڊو، سنگ چونڊڻ، فصل ڪڍڻ، گلدستو، مجموعو.

spick (اسپڪ) n, adj a nail, a wooden spike; tidy, fresh. ڪوڪو، چپر، ڪورو، لٺون، ٺيڪ ٺاڪ.

spicula (اسپيڪيولا) n a spicule, prickle, or splinter. سئي، ڪِل، وار جهڙو، چپر.

spicular (اسپيڪيولر) adj of the nature of or like a spicule. سئيءَ جهڙو، نوڪدار، ميخ دار.

spiculate (اسپيڪيوليٽ) adj having spicules. ڪنڊا، ڪنڊا ڪنڊڙ.

spicule (اسپيڪيول) n a minute needlelike body, crystal, splinter, or process; a small splinter of bone; one of the spikelike forms seen forming and reforming on the edge of the sun, caused by ejections of hot gas several thousand miles above its surface. سئيءَ جهڙو، ڪوڪو، ڪلي، سيخ، ڪنڊو، ننڍڙو ڪوڪو، بلوري مادو، چيت، چپر، چيڙهه، پتي، ڦتيل، هڏي جو ٽڪر، سج جي چوڌاري ٿيندڙ سنهي گول چپر صورت ٻيهڪ، خاص ڪري تيز روشنيءَ نڪرڻ ڪري ڪنداٽي گول ٻيهڪ واري صورت.

spider crab (اسپائيڊر ڪرب) n a crab with long thin legs. مڪڙي ڪيڪڙو، ڪوريئڙي ڪيڪڙو، ننڍي ڪيڪڙي جو هڪ قسم جنهن جون لنگون ڊگهيون ٿين.

spider flower (اسپائيڊر فلاور) n an annual plant of the genus Cleome, bearing clusters of white or pink flowers with long stamens reminiscent of spider's legs. ڪوريئڙي صورت اڇن ۽ گلابي پنڙين وارو ساليانو گل ۽ الجو پولو، ڪوريئڙي جي ٽنگن صورت پيچرين يا وار دار ٻيهڪ وارو اڇن يا گلابي گلن جو جهڳٽو.

spider hole (اسپائيڊر هول) **n** a hole in the ground to conceal a sniper. زمين دوز کڏ يا مورچو.

spider leg (اسپائيڊر ليگ) **n** a long thin leg. ڊگهي سنهي جنگهه.

spider line (اسپائيڊر لائن) **n** a thread of silk spun by a spider; any fine thread in an optical instrument, for measurement, position-making etc. سنهون ڌاڳو، ڪوريئڙي تار، نشان لاءِ دوربين ۾ پيل سنهو وار صورت نشان.

spiderman (اسپائيڊرمئن) **n** a building worker who erects the steel structure of a tall building. رازو، مزدور، لوهه ٻڌڻ وارو مزدور.

spider mite (اسپائيڊر مائيٽ) **n** any web-spinning mite feeding on, and often a serious pest of plants. سيوي، مڪڙي، ٽاڄي اندڙ سيوي.

spider monkey (اسپائيڊر مانڪي) **n** an American monkey with long slender legs and tail. ڊگهين جنگهن ۽ ڊگهي پڇ وارو آمريڪي باندر، لنگور.

spider plant (اسپائيڊر پلانٽ) **n** any of various plants with spiky variegated leaves, which grows new plantlets on trailing stems; spiderwort. سنهن پن وارن ٻوٽن جي جنس جو ٻوٽو.

spiderstitch (اسپائيڊر اسٽيچ) **n** a stitch in lace or netting in which threads are carried diagonally and parallel to each other. پرت جو نمونو، پاسيري سلائيءَ وارو پرت.

spiderwheel (اسپائيڊر ويل) **n** (in embroidery) a circular pattern with radiating lines. پرت ۾ گول صورت بيهڪ، پرت ۾ شيشي لڳائڻ وارو ٽاڪو.

spiderwork (اسپائيڊر ورڪ) **n** lace worked by spiderstitch. ڪورڪو ڪم، پرت يا زري وغيره جو ڪم.

spiderwort (اسپائيڊرورٽ) **n** any plant of the American commelinaceous, with deep-blue or reddish-violet flowers. آمريڪي نيرن يا واڱڻائي ڳاڙهن گلن وارو ٻوٽو.

spiderwrench or **spanner** (اسپائيڊر رينچ آر اسپينر) **n** a box-spanner having heads of different sizes at the ends of radial arms. پلاس يا پڪڙ جو قسم.

spiegeleisen (اسپي گلائزن) **n** a white cast-iron containing manganese, largely used in the manufacture of steel by the Bessemer process. لوهه يا فولاد تيار ڪرڻ لاءِ ڪم ايندڙ پلتيل اڇو لوهه.

spiel (اسپيل) **n , vi & vt** a plausible story or line of talk; a talk glibly, tell the tale. ڳالهه، قصو، ميڙ ۾ تقرير ڪرڻ، آکاڻي ، آکاڻي ٻڌائڻ.

spieler (اسپيلر) **n** one with a glib, persuasive line of talk; a swindler or a card sharper; a gambling den. ڳالهير، ٺڳ، جوا جو اڏو يا اکاڙو، تاس راند ۾ ٺڳي ڪندڙ.

spiff (اسپف) **adj** (dialect) smart, spruce. (ٻولي) تيز، ولندڙ، سهڻي، صاف، پلي، ستري، ڪليل، عام فهم.

spiflicate or **spifflicate** (اسپفليڪٽ) **vt** to destroy; to quell; to confound; to handle roughly. برباد ڪرڻ يا تباهه ڪرڻ، چٽڻ، مارڻ، ڪٽڻ، ڪچلڻ، پا مال ڪرڻ، بري طريقي وارو برتاءُ ڪرڻ، غلط رويو اختيار ڪرڻ.

spigelia (اسپيجيلا) **n** the pink-root genus of loganiaceae. ٻوٽي جو قسم، گلابي پاڙ وارو ٻوٽو.

Spigelian (اسپيجيلين) **adj** of Van der Spiegel or of Spigelia; applied to one of the lobes of the liver. اسپيجيليا بابت، ڦڦڙن جي هڪ حصي بابت.

spigot (اسپيگاٽ) **n.** a peg for a vent hole or peg used to close the opening of a tube or pipe; a tap or faucet; an interface (comput). ڏٽو، ڍڪڻ، ٻوڄ، نلڪو، (ڪمپيوٽر جو) ٻن هڪجهڙن ڪمپيوٽرن کي ملائيندڙ تار يا پرزو.

spike[1] (اسپائيڪ) **n, vt** an ear of corn; an inflorescence in which sessile flowers or spikelets are arranged on a long axis; a kind of lavender; to develop a spike. گلن جو ڇڳو جو هڪ ئي تاريءَ تي هجي، گلن جو سنگ، مڇو، ٻوٽي جو قسم، ان جو سنگ، ولڙو.

spike[2] (اسپائيڪ) **n, vt, & vi** . a hard thin pointed object; a large nail; a sharp metal projection; a sharp-pointed metal rod set upright on a base; spiked shoes; a bayonet; a workhouse or its casual ward; a dosshouse; an electric impulse, esp a very brief, potentially damaging surge of power on an electronic circuit; to fasten, set, pierce or damage with a spike or spikes; to contaminate; to reject; to inject with a drug. ڪوڪو، ڪل، ڪلي، ڪيٻر، لڪڻ جي چهنبياري چوٽي، چهنبيارن ڪوڪن وارو بوٽ، ڪندي، چهنب، تيز لوڪ، ٻڌڻ، ڪل لوڪڻ، ڪوڪن سان نقصان ڏيڻ، ڪوڪا هڻڻ، ڪوڪا ٺوڪڻ، سيخ، جڳاڙڻ، رد ڪرڻ، وڏي ڪلي، دواجي سئي هڻڻ، (لانوءَ جو) ڪندو يا ڪوڪو، خراب ڪرڻ، پليت ڪرڻ، ٻين شين سان ملائڻ، گڏي خراب ڪرڻ، سئيءَ رستي دوا جسم ۾ داخل ڪرڻ.

spike fish (اسپائيڪ فش) **n** a kind of sailfish. ساموڏي مڇيءَ جو قسم.

spike grass (اسپائيڪ گراس) **n** uniola or other American grass with conspicuous spikelets. اتر آمريڪا جو ڪندن وارو گاهه.

spike heel (اسپائيڪ هيل) **n.** a very narrow metal heel on a woman's shoe. ڊگهي کڙي، سنهي کڙي واري جتي، چوٽيل، چپل، سينڊل وغيره.

spikelet (اسپائيڪليٽ) **n** (in grasses) a small crowded spike, itself forming part of a greater inflores-

cence.. نديو ڪِيرُ يا ڪَل، ٻندي، ننڍڙو سنگ، ٻج ڦلڙي، ٻور ڦلڙي، سنگ داڻي گل، ننڍڙي ميخ، ڪلي.

spike nail (اسپائيڪ نيل) n a large small-headed nail. ڏگهو ننهن يا ڪوڪو، ڏگهو پر سنهي مٿي وارو ڪوڪو.

spikenard (اسپائيڪنرڊ) n an aromatic oil or balsam yielded by an Indian valerianaceous herb or a synthetic substitute for this; the plant itself. سُنبل. هندوستاني سرهي مَر. سنبل گل ۽ ٻوٽو.

spike oil (اسپائيڪ آئل) n the oil of spike lavender. عطري تيل، سرهو تيل، خوشبودار تيل.

spike-rush (اسپائيڪ رش) n any of several sedges, closely related to the true sedges, with stiff tufted stems and solitary spikelets.. ناگر موٿ گاهه وارو ٻوٽو. ڪل وارو گاهه.

spile (اسپائيل) n, vt. a plug; a spigot; a pile for a foundation; a stake, or post for fencing; to pierce and provide with a spile; to shape (the timbers of a wooden vessel or the ribs of a steel vessel) to form a gradual slope towards the bow and/or stern.. ٻوڄ، ڍڪڻ، بنيادي ٿنڀو، ڏنو، ڪلو، مَنِي، ٽوٽي، گل ميخ. ڪاٺ جي ننگٽي.

spilikin, spellikin or **spellican** (اسپائليڪن) n a small slip of wood, ivory, to be picked out from a heap without disturbing the others in the game of spillikins. هڪ راند يا ٻيهڪ جنهن مان ڪاٺ يا هاڃ جي پٽي اِهڙي طرح ڪڍجي جو اُها ٻيهڪ خراب نه ٿئي.

spilite (اسپلائيٽ) n a fine-grained igneous rock of basaltic composition, often developed as submarine lava-flows. عقيق جو قسم (مختلف رنگن ۾)

spill[1] (اسپل) vt, vi to allow to run out of a container; to shed; to waste; to throw from a vehicle or the saddle; to empty from the belly of a sail or empty of wind for reefing; to overlay as if by spilling; to kill; to destroy; to overflow; to be shed; to be allowed to fall, be lost or wasted; to come to grief or ruin; a fall, a throw; a spilling.. اوتڻ، ڪيرائڻ، هارڻ، خالي ڪرڻ، زيان ڪرڻ، ڇلڪڻ، ڇلڪائڻ، مارڻ، تباهه ڪرڻ، سلاخ، هارجي وڃڻ، وهڻ، پاڻيءَ جي هاروير، ڌڪو ڏيڻ، اڇلائڻ، راز کولڻ، ڦڪڙ ڦاڙڻ.

spill[2] (اسپل) n a spile; a thin strip of wood or paper for lighting a candle, a pipe. ٻوڄ يا ڏٽو، پوپو، ڪاغذ جو پوپو، ميڻ بتي ٻارڻ لاءِ ڪاٺيءَ جو ٽڪر يا ڪاغذ جي پٽي.

spillage (اسپليج) n the act of spilling; that which is spilt. هار وير ڪيل، هاريل، ڇلڪاءُ، هاروير.

spilling line (اسپلنگ لائن) n a rope for spilling the wind out of a square sail. سڙهه جي هوا ڪڍڻ واري رسي.

spillover (اسپل اوور) n an overflow; to overflow. اٿل، اٿلي پوڻ، هارجڻ، ٻوڏ.

spillstream (اسپل اسٽريم) n an overflow channel; a bayou. واهڙ، ٻوڏ لاءِ نالي، چينڊڻ.

spillway (اسپل وي) n a passage for overflow water. ٻوڏ لاءِ رستو، واهڙ، چينڊڻ.

spilth (اسپلٿ) n spilling; anything spilt or poured out lavishly; excess. هار ويل، اٿليل واڌ، اٿل، گهڻي انداز ۾ هاريل شي.

spin (اسپن) vt, vi, n. to draw out and twist into threads; to draw out a thread as spiders do; to form by spinning; to draw out; to make to last; to send hurtling; to twirl, set revolving rapidly; to fish with a swivel or spoon-bait; to reject at an examination; to practise the art or trade or perform the act of spinning; to rotate rapidly; to whirl; to hurtle; to go swiftly; to spirt; to stream vigorously; to lengthen out; act or result of spinning; a rotatory motion, a cycle ride; a short trip in a motor car; confused excitement; the sum of five dollars.. ڪَتڻ، وٽڻ، وَر يا وَٽ ڏيڻ، ڄار ٺاهڻ، امتحان ۾ رد ڪرڻ، گهمڻ ڦرڻ، تکو گهمائڻ، موڙڻ، گهمائڻ، منهن ڦيرائڻ، گول ڦرڻ، چڪر، گهمتاري، گهماءُ، ڦرتي، (لاٽون) ڦيرائڻ، ٻاهر ڪڍڻ، آخر تائين هلائڻ، اڇلائي ڦٽي ڪرڻ، زمين تي ٿرڪندو ڪري اڇلائڻ، تيزيءَ سان ڦيرائڻ، چرخ، چڪرو، ڦيرو، ڦرندڙ مڪ سان مڇي پڪڙڻ، گول ڦرڻ جو عمل يا نتيجو، گول ڦرندڙ زور يا چرپر، موٽر ڪار جو ننڍو ڦيرو، مونجهارو، سمجهه ۾ نه ايندڙ صورتحال، منجهيل جوش يا ولولو، پنجن ڊالرن جي رقم.

spina (اسپائنا) n the spinal column; a qull of a spinet; a lengthwise barrier in a Roman circus.. ڪرنگهو، ڏونگهرو، روڪ ڏنڊو.

spina bifida (اسپئنا بفڊا) n a congenital defect in which one or more vertebrae fail to unite during the embryo stage, resulting in exposure of part of the spinal cord and often permanent paralysis. پيدائشي ڪرنگهي جي بيماري، ٻارجي پيدائشي ڪرنگهي جي بيماري (جنهن ڪري هو گهمڻ ڦرڻ کان لاچار هوندو آهي)، ڪنڌي جو ٻاهر نڪري بيهڻ.

spinach (اسپنچ) n a plant of the goosefoot family; its young leaves used as a vegetable; extended to various other plants. پن واري ڀاڄي، پالڪ، ساڳ ڀاڄي.

spinach-beet (اسپنچ بيٽ) n a kind of beet used like spinach. چقندر جي سبزي، ڪاڄ، چقندر جا ساوا ڪاچرو پن.

spinal (اسپائنل) adj of or relating to the spine. ڪرنگهي

بابت، ريڙهه بابت، ڪنڊي متعلق، پٺيءَ بابت.

spinal canal (اسپائنل ڪئنال) **n** a cavity through the vertebrae containing the spinal cord. ڪرنگهي جو پور جنهن ۾ مغزي ڏوري هوندي آهي، ڪرنگهي نالي، ريڙهه نالي.

spinal column (اسپائنل ڪالم) **n** in vertebrates, the articulated series of vertebrae extending from the skull to the tip of the tail, forming the axis of the skeleton and enclosing the spinal cord. ڪرنگهو يا ڏونگرو، ريڙهه جي هڏي، ڪرنگهي جي مستين هڏي، ڪنڊي جي مڪمل بيهڪ، تنتي مکيه رڳ جي چوڌاري بيٺل هڏائين جوڙجڪ.

spinal cord (اسپائنل ڪارڊ) **n** a cylindrical structure of the central nervous system enclosed in the spine, connecting all parts of the body with the brain. مغزي ڏوري، ڪرنگهي جي ڏوري، تنتي ڏوري، ريڙهه نس.

spinar (اسپنر) **n** a rapidly spinning galactic body. تيز ڦرندڙ ڪهڪشائون يا آفاقي جسم، تارو، اپگرهه.

spinbowler (اسپن بالر) **n**, (cricket) an expert at bowling with spin. ڪرڪيٽ ۾ گول ڦرندڙ بال اڇلائيندڙ رانديگر.

spindle (اسپينڊل) **n vi** the pin by which thread is twisted; a pin on which anything turns; the fusee of a watch; anything very slender; a spindle-shaped structure containing longitudinally-running microtubules, formed within the nucleus or cytoplasm during mitosis and meiosis; to grow long and slender. اٽ جو لڪ يا وٽڻو، ونڊرو، ڪلي جنهن تي ڪا شيءِ ويڙهجي، ڌرو، محور، لڪ، چڪرو، چرخي، ڏنڊي، اٽ صورت بيهڪ وارو اوزار، وڌو ۽ سنهو ٿي وڃڻ.

spindle-berry (اسپنڊل بيري) **n** the fruit of the spindle tree. مال ڪنگڻيءَ جو ٻج يا ميوو.

spindle-shanked (اسپنڊل شينڪڊ) **adj** having long thin legs, like spindles. لينگو، ڊگهين ٽنگن وارو، چانگهو.

spindle-shanks or spindle-legs. (اسپنڊل شئنڪس آر ليگس) **n. pl** long slim legs; hence a person with long thin legs. ڊگهيون سنهيون ٽنگون، سنهين ٽنگن يا چنگهن وارو ماڻهو.

spindle-shaped (اسپينڊل شيپڊ) **adj** shaped like a spindle, thickest in the middle and tapering to both ends. لڪ شڪل، لڪ نما، سگار شڪل.

spindle-shell (اسپنڊل شيل) **n** a gasteropod with a spindle-shaped shell. لڪ شڪل کوڏ، لڪ شڪل صدفي مخلوق، سپيءَ نما.

spindle-side (اسپنڊل سائيڊ) **n** the female side or line of descent, distaff side. ماءُ جو طرف، ناناڻا، نانائن جي پيڙهيءَ جو سرشتو، نانائو طرف.

spindle tree (اسپينڊل ٽري) **n** a shrub whose hard-grained wood was used for making spindles. مال ڪنگڻي وڻ يا ٻوٽو.

spindle whorl (اسپنڊل وورل) **n** a heavy ring giving momentum to the spindle. اٽ جي چڪري.

spindling (اسپنڊلنگ) **n, adj** a person or thing too long and slender; a slender shoot; long and slender. سنهو ڊگهو ماڻهو يا ڪاٺي، سنهي شاخ، سنهي ۽ ڊگهي شاخ.

spindly (اسپنڊلي) **adj** disproportionately long and slender. ڏٻرو، هيڻو، ضعيف، ڪمزور، تمام سنهو، ڊگهو.

spin doctor (اسپن ڊاڪٽر) **n** someone (often a public relations expert) employed by a politician to influence public opinion. تعلقات بهتر رکندڙ ماڻهو، خوش مزاج ماڻهو، کليل دل وارو انسان.

spindrier or spindryer (اسپن ڊراير) **n** a device that dries washed clothes without wringing, to a point ready for ironing, by forcing the water out of them under pressure of centrifugal force in a rapidly revolving drum. جلد سڪائيندڙ، ڪپڙن ڌوئڻ واري مشين جو ڪپڙن کي سڪائڻ وارو حصو.

spindrift (اسپن ڊرفٽ) **n** the spray blown from the crests of waves. سامونڊي چولين مان نڪرندڙ ڦينگون، ڦوهاري ڌار، ڦوهاريدار لهرون.

spine (اسپائن) **n** a thorn; a long sharp process of a leaf; a thin, pointed spike, esp in fishes; the spinal column; any ridge extending lengthways; heartwood; the back of a book. ڪنڊو، پٺيءَ جو ڪنڊو، ڪرنگهو، ريڙهه، خار، ريڙهه جو هڏو، وڻ جو ڪنڊو، ڳڙهه، ڪتاب جو پٺيون يا پٺل حصو.

spine-chiller (اسپائن چلر) **n** a frightening story, film, etc. خوفناڪ فلم يا آکاڻي، ڊپ واري ڪهاڻي.

spinel (اسپائنيل) **n** any mineral of a group of aluminates, ferrates, and chromates of magnesium, iron, zinc, crystallizing in octahedra. مختلف رنگن جون معدنيات، سرخ يا ياقوت.

spineless (اسپائن ليس) **adj** having no spine; weak; vacillating; lacking courage; esp moral courage. ڪرنگهي بنا، ڏٻرو، ڊڄڻو، ڀاڙيو، ڪمزور، اخلاقي قوت کان عاري، بي همت، پٺيءَ جي ڪنڊي کانسواءِ.

spinel ruby (اسپائنل روبي) **n** ruby spinel, a variety of magnesian spinel with the colour of a true ruby (Ital). غيرمعياري جواهر، ٻئي درجي جو جواهر، ياقوت لعل وغيره.

spinescent (اسپائن سينٽ) **n** tapering or developing into a spine; tending to become spinous; somewhat spiny. سنهو ٿيڻ، ڪنڊي يا ڪرنگهي واري بيهڪ ۾ اچڻ يا آڻڻ.

spinet or spinette (اسپائينيٽ) **n** a musical instrument

like a small harpsichord. واجي جو اوزار، موسيقيءَ جو اوزار، ساز.

spiniferous (اسپنيفرس) **adj** thornbearing. ڪنڊر، ڪنڊن وارو (ٻوٽو)، ڪانڊيرو، ڪنڊائون، ڪنڊا جهليندڙ.

spinefex (اسپائن فيڪس) **n** a sharp-pointed Australian grass, of arid regions, whose spiny heads blow about and disseminate seed; popularly applied in Australia to porcupine grass. آسٽريليا جو ڪنڊن وانگر پنن وارو گاهه، آسٽريليا جو سيڙهه گاهه.

spiniform (اسپنيفارم) **adj** like a thorn. ڪنڊي وانگر، ڪنڊي شڪل، ڪنڊي جهڙو، خارنما.

spinigerous (اسپني گيرس) **adj** bearing spines. ڪنڊي پيدا ڪندڙ، خاردار، ڪنڊا جهليندڙ، ڪنڊائون، جنس ڪنڊو گاهه، ڪنڊن وارو.

spinigrade (اسپني گريڊ) **adj** moving by means of spines, as an echinoderm does. ڪنڊي چال.

spink[1] (اسپنڪ) **n** a finch, esp the chaffinch. جهرڪي، جهار جهرڪي، يورپ ۽ ايشيا جي جهنگلي جهرڪي، پالتو ڳائيندڙ يا ٻوليندڙ جهرڪيءَ جي جنس جو پکي.

spink[2] (اسپنڪ) **n** the lady's smock; cuckoo flower. زنانو گهاگهرو، گل جو قسم.

spinnaker (اسپنيڪر) **n** a three-cornered light-weight sail normally set forward of a yacht's mast to increase sail area when running before the wind or on a road reach; on racing yachts the spinnaker has a great deal of flow in the belly of the canvas and is often brightly coloured. ٽنڊو ٽڪنڊو سڙهه جيڪو ننڍين ٻيڙين ۾ خاص ڪري ڊوڙ ۾ حصو وٺندڙ ٻيڙين ۾ لڳايو ويندو آهي ته جيئن هلندڙ هوا جو ڀرپور فائدو حاصل ڪري سگهجي.

spinner (اسپنر) **n** something or someone that spins; a spider; a spinneret; a spinning-machine; a ball with imparted spin, causing it to swerve or break; a spin-bowler; an artificial fly that revolves in the water; a rotating display stand (eg for books) in a shop; a spin doctor. ڪتڻ وارو، ڪوريئڙو، چرخو، اٽڪ، مڪڙي، ڪرڪيٽ جو بالر، ڪوري، ڪاتار، سٽ ڪتيندڙ، پٽائن ڪڍڻ جي مشين، ڪتابن رکڻ جو گول ڦرندڙ ڪٻٽ، معاملن کي سنڀاليندڙ ماڻهو.

spinneret (اسپنريٽ) **n** a spinning organ in spiders; a plate with holes from which filaments of plastic material are expressed. ڪوريئڙي جو ڪتڻ وارو عضوو، ڪتڻ جو اوزار، تارڪشي (عضوو).

spinnerule (اسپنرول) **n** one of the tubules of a spinneret. تار ڪشي عضوي جو نڙو يا نس.

spinnery (اسپنري) **n** a spinning-mill. ڪتڻ جي مل، ڌاڳن ٺاهڻ جو ڪارخانو، ڪپڙي جو ڪارخانو، آڏاڻو.

spinney or **spinny** (اسپني) **n** a copse or small clump of trees. وڻن جو جهڳٽو، هڙي، ننڍڙو جهنگ.

spinning (اسپنگ) **n, adj** the act or an instance of spinning. سٽ ڪتڻ، اٽڪ هلائڻ، ڪتڻ، ولڻ، ڌاڳو وٽڻ يا ٺاهڻ، ڦيرائڻ، گهمائڻ جو عمل.

spinning-house (اسپننگ هائوس) **n.** a place of correction where lewd and incorrigible women were made to spin. آتڻ، عورتن جو اٽڪ ڪتڻ وارو آتڻ جتي عورتون اچي اٽڪ تي سٽ ڪتين يا ڌاڳو ٺاهن.

spinning-jenny (اسپننگ جني) **n** a machine by which a number of threads can be spun at once; a crane-fly. چرخي يا ڦرڙي، ڪتڻ جي ڪل، ڪتي، اٽڪ.

spinning-machine (اسپننگ مشين) **n** a machine that spins fibres continuously. ڪتڻ جي مشين، چرخو، اٽڪ، چرخي، آڏاڻو.

spinning-mill (اسپنگ مل) **n** a factory where thread is spun. ڌاڳن جو ڪارخانو، ڪتڻ جو ڪارخانو، ڪپڙي جو ڪارخانو.

spinning-mule (اسپنگ ميول) **n** an early form of spinning machine. اڳوڻي زماني جو اٽڪ، چرخو يا آڏاڻو.

spinning-wheel (اسپنگ ويل) **n** a machine for spinning yarn, consisting of a wheel driven by the hand or by a treadle, which drives one or two spindles. اٽڪ يا چرخو، ارٽ، چرخي، آڏاڻو، نار، پورو، ڪتائيءَ جو ڦيٿو.

spino- (اسپائنو) combining from : signifying - spine. ڪنڊو، ڪرنگهو، ريڙهه جو هڏو.

spinode (اسپنوڊ) **n** a cusp or stationary point of a curve. نوڪ، چوٽي، مرڪز، مرڪزي نقطو.

spin-off (اسپن آف) **n** an incidental result or results, esp as a side benefit from industrial technology. صنعتي ڪاريگريءَ جي استعمال ڪري ٿيندڙ واڌو نتيجو.

spinose (اسپي نوز) **adj** full of spines; thorny. ڪنڊن ڀريل، ڪنڊرَ، ڪنڊا ڪنڊا، ڪنڊيدار، ڪانڊيرو، ڪنڊائون، ڪنڊا پيدا ڪندڙ، خاردار، ڪنڊن وارو.

spinous (اسپائنس) **adj** spinose; like a thorn or spine in appearance. ڪنڊي، ڪنڊيدار، ڪنڊا ڪنڊا، سولجهاري وارو، جهڙو، ڪنڊي نما، خاردار، ڪرنگهي دار، ريڙهه دار.

spinster (اسپنسٽر) **n** an unmarried woman; an old maid; a woman fit for the spinning-house; a spinner. ڪنواري، وڏي عمر واري اڻ پرڻيل مائي، ڪاباٽي، آتڻ ۾ ڪم ڪندڙ عورت، ڪتڻ واري عورت، ڇڙي عورت، ڪنواري، دوشيزه.

spinsterdom (اسپنسٽرڊم) **n** the world of old maids collectively. پوڙهين ۽ اڻ پرڻيل عورتن جو ٽولو، ڪنوارين جي جماعت.

spinthariscope (اسپن ٿيري اسڪوپ) n an instrument for counting alpha particles by observing the sparks produced by their impact on a fluorescent screen. شراري خوردبين.

spinule (اسپينول) n a small or minute spine. سنهڙو ڪنڊو، ننڍڙو ڪنڊو، خار نما.

spiny (اسپني) adj full of spines; thorny; troublesome; perplexed. ڪنڊا ڪنڊا، مختلف قسمن جا خاردار يا ڪنڊيدار جانور، سولجهاري وارو، ڪندو، ڪنڊائون، ڪانڊيرو، ڪنڊيدار، خاردار، لوڪدار، گهڻ ڪنڊو، پريشان، حيران، منجهيل.

spiracle (اسپائريڪل) n breathing hole; a vent, orifice, passage. ساهه کڻڻ جو ٽنگ يا سوراخ، ٽونڙو، سوراخدار، جسماني سوراخ.

spiraea or spirea (اسپائريا) n a plant or shrub of the rosaceous genus, having flattened or plume-shaped heads of small pink or white flowers. ننڍن اڇن يا گلابي گلن وارو ٻوٽو.

spiral[1] (اسپائرل) adj towering and tapering. سنهو ڊگهو، مٿي، هيٺ ايندي سنهو يا ويڪرو ٿيندڙ.

spiral[2] (اسپائرل) adj, n, vt & vi winding like the thread of a screw; with parts arranged in spirals; a spiral line, course or object; a curve, the locus of a point whose distance from a fixed point varies according to some rule as the radius vector revolves; a helix; a gradual but continuous rise or fall, as of prices; to go in a spiral; to make a spiral. ور ور، گهنڊيدار، وڪڙ دار، گهمندڙ، پيچ، پيچ دار، ويڙهو، ور وڪڙ، وراڪا، ڪماني وڪڙ، نانگ ور، نانگ وڪڙ، نانگ وانگر هلڻ، گهنڊيدار بنائڻ، ور ڏيڻ، وڪڙ ڏيڻ، چليدار بنائڻ، چلن واري صورت ڏيڻ.

spiral arm (اسپائرل آرم) a. an arm of a spiral galaxy. ٻانهن جو وراڪو، شاخدار برج جي شاخ.

spiral galaxy (اسپائرل گليڪسي) n one of a large class of galaxies, with two spiral arms emerging from a bright central ellipsoidal nucleus about which they rotate شاخن وارو برج يا تارن جو ميڙ، ڪهڪشان.

spiral staircase (اسپائرل اسٽيئر ڪيس) n a staircase in the form of a spiral, with a central column around which the steps are built. گول ڏاڪڻ، وراڪيدار يا پيچدار ڏاڪڻ.

spiraliform (اسپائرلي فارم) adj in or based on the shape of a spiral. ور يا وڪڙ وانگر وراڪي تي ٻيهاريل، پيچ واري بيهڪ وارو.

spiralism (اسپائرلزم) n advancement through, or the concept of, a spirally structured carrier or social system. ور وڪڙ يا وراڪي تي مبني نظام.

spiralist (اسپائرلسٽ) n someone engaged in spiralism; loosely, an ambitious person. لالچي ماڻهو، وڏ خيالي ماڻهو، وڏي آر زو رکندڙ.

spirant (اسپائرنٽ) adj, n frictive, open, produced by narrowing without stopping the air passage; a spirant consonant (including or excluding nasals, liquids, and semi-vowels). اکر جيڪي ساهه ٻاهر ڪڍڻ سان چئجن يا اچارجن جيئن ج، خ وغيره.

spiraster (اسپائريسٽر) n a coiled sponge spicule with radiating spines. پيچدار ستارو، پيچدار اسفنجي ڪنڊو.

spirated (اسپائريٽيڊ) adj spirally twisted. وٽيل، ويڙهيل، پيچدار بنايل.

spire[1] (اسپاير) n, vt & vi. a tapering or conical body, esp a tree-top; a flower spike; a tall slender architectural structure tapering to a point; a shoot, sprout; a stalk, esp a long slender one; a reed or reedlike plant; a deer's tine; a spike; a cone; a summit, peak; to sprout; to shoot up; to furnish with, or form into, a spire; to put forth as a shoot or fruit. ڪلنگي، چوٽي، هرڻ جي سنڱ جي ڪري، چوٽيءَ وارو، منارو، برج، ڪلس، گنبد، نيل، نيل وجهڻ، اپري ٻيهڻ، مٿي لڪري ٻيهڻ، شاخ يا ميوي وانگر ٻاهرلڪري ٻيهڻ، ڦٽڻ، سلو ڪڍي ٻيهڻ.

spire[2] (اسپاير) n, vt a coil; a spiral; the spiral part of a shell, excluding the body-whorl; to wind, mount, or proceed in spirals. ورُ، وڪڙ، ڪمان، پيچ، ڏنڊي سرُ، چڪر، وڪڙ تي وڌڻ يا لڪرڻ، چلن صورت ٻيهڪ يا واڌ.

spire-steeple (اسپاير اسٽيپل) n a steeple with a spire. گول برج، گول مينار.

spirillosis (اسپائرلوسس) n infection with a spirillium. پيچدار جيوڙي جو مريض.

spirillium (اسپائرليم) n any rigid, spiral-shaped bacterium that causes rat-bite fever. پيچدار جيوڙو، وڪڙ جيوڙو، ويڙهي صورت جراثيم، گول جراثيم.

spirit (اسپرٽ) n, vt vital principle; the principle of thought; the soul; a disembodied soul; a ghost; an incorporeal being; a kidnapper; enthusiasm; actuating emotion, disposition, frame of mind; a leading, independent, or lively person; animation; verve; courage; mettle; read meaning; essence, chief quality; a breath of wind; spirituous liquor; a distilled liquid; an aqueous solution of ethyl alcohol; to give spirit to; to inspirit, encourage, cheer; to convey away secretly, to kidnap. دم، روح، آتما، مزاج، جيئن، ساهه، نفس، جان، وجود، همت، حوصلو، جريت،

جرئت، زنده دلي، روحاني جوهر، اصل معني، مراد، مطلب، پوت، دماغ، ست، عرق، پتو، پڙن ، روحاني وجود، آندر، دل، فلڪ، ستيا، پري، جن، اسرار، مڙس ماڻهو، مڙسي، مزاج، حالت، رخ، مدي ساز، طبيعت، ياء، خوشي، خوشحالي، عرق، آتما، خيال، حالت، پوت، همت ڏيارڻ، دلداري ڏيڻ، جاڳائڻ، خوش ڪرڻ، همٿ وڌائڻ، لمر ڏيڻ، لڪ ۾ موڪلڻ، اڏائي ڪٽي وڃڻ، اغوا ڪرڻ، ڀڄائي وڃڻ.

spirit blue (اسپرٽ بلو) **n** aniline blue.ڪيميائي مرڪب، نيرو رنگ.

spirit duck (اسپرٽ ڊڪ) **n** another name for the bufflehead, from its rapid diving.بدڪ جي قسم جو پاڻيءَ جو پکي، اتر آمريڪي ڪلنگيدار بدڪ (بدڪ جنهن جي مٿي تي ڪلنگيءَ صورت سنهن پرن يا وارن جو ڇڳو نهيل هوندو آهي).

spirit duplicator (اسپرٽ ڊپليڪيٽر) **n** one that uses a solution of alcohol in the copying process.نقل تيار ڪرڻ واري مشين جنهن ۾ الڪوحل جو آميزو استعمال ڪجي، عڪسي نقل تيار ڪندڙ مشين.

spirited (اسپرٽيڊ) **adj** full of spirit, life, or fire; animated; possessed by a spirit..همت يا مڙسيءَ وارو، جوشيلو، پاڻيالو، مردانو، زورآور، ڏاڍو، دلير، زور ڀريو، ڇاتيءَ وارو، همتي، هٺين ڏاڍو، جريت ڀريو، جريت ڀريو.

spirit gum (اسپرٽ گم) **n** a preparation used by the actors for attaching false beards, etc.ڪٺولر جهڙو مادو جنهن سان منهن تي هٿرادو ڏاڙهي چنبڙائي ويندي آهي.

spiriting (اسپرٽنگ) **n** the action of someone who spirits in any sense; the offices of a spirit or sprite.همت يا دليريءَ وارو عمل، فوجي يا ان قسم جي نوڪريءَ واري جو همت کان ڪم وٺڻ.

spiritlamp (اسپرٽ لئمپ) **n** lamp burning methylated or other spirit to give heat.اسپرٽ بتي، اسپرٽ سان ٻرڻ واري بتي.

spiritless (اسپرٽ ليس) **n** without spirit, cheerfulness, or courage; dejected; dead.نستو، بي همٿ، بي دليو، بي روحو، اداس، مڙدو، هيٺو، ڪمزور، ري يا بي پاڻيو، لاڇو، ليلهڙ، تيج هيڻ، نرجو، مردهہ، اداس.

spirit level (اسپرٽ ليول) **n** a device consisting of a sealed glass tube nearly filled with alcohol or other liquid, containing an air bubble whose position is used to test horizontality.افق نما، سڌ وٺڻ جو اوزار، پاڻيءَ واري ليول جيڪا خاص ڪري رازن ۽ ڊڪڻن کي سڌ وٺڻ ۾ ڪم ايندي آهي.

spirit master (اسپرٽ ماسٽر) **n** the master sheet used in a spirit duplicator.نقل تياري ڪرڻ واري مشين لاءِ تيار ڪيل اصل جنهن تان پيا نقل لاهيا وڃن، عڪسي اصل.

spirit photography (اسپرٽ فوٽوگرافي) **n** the taking of photographs of people in which other shadowy figures appear.تيز عڪاسي، اهڙو تصويري عمل جنهن ۾ ضرورت وقت ٻاهريون ماڻهو يا شيءِ پاڇولي جي صورت ۾ نظر اچي.

spirit rapper (اسپرٽ ريپر) **n** one who claims to receive messages from disembodied spirits by raps or knocks.روحن سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ جي دعوي ڪندڙ، روحن جا نيايا پهچائيندڙ.

spirit-stirring (اسپرٽ اسٽرنگ) **adj** rousing the spirit. خوش طبعي، خوش ڪندڙ،من وڌائيندڙ، جوش آور.

spiritual (اسپريچوئل) **adj, n** of, of the nature of, relating to, spirit, a spirit, spirits, the mind, the higher faculties, the soul; highly refined in thought and feeling, habitually or naturally looking to things of the spirit; incorporeal; ecclesiastical, religious; witty, clever; that which is spiritual; a Black American religious song..روحاني، رباني، پاڪ، ديني، الهامي، غير جسماني، آڌيہ اتر، رحماني، آمريڪي شيدين جومذهبي گيت، امورت، آسريرو، نراڪار، غير جسماني، پاڪ صاف، آتمڪ.

spiritualism (اسپري چوئلزم) **n** the condition of being spiritual; the philosophical doctrine that nothing is real but soul or spirit; the doctrine that spirit has a real existence apart from matter; the interpretation of a varied series of abnormal phenomena as for the most part caused by spiritual beings acting upon specially sensitive persons or mediums.روحاليت، اهو عقيدو تہ اصل وجود روح جو آهي، غيب، پريت واد، جيو آتما واد، برهم واد، پريت وديا، روحاني خاصيت، روحاني عمل ذريعي نرواڻ حاصل ڪرڻ جو اصول، روح جي موجودگي ۽ ان جي عمل ڪرڻ ۾ مڃڻ جو عقيدو.

spiritualist (اسپريچوئلسٽ) **n.** one who has a regard only to spiritual things; one who holds the doctrine of spiritualism or spiritism.روحاليت جو قائل، پريت ساڌڪ، برهم وادي، روحاليت جو صاحب، آتم برهم وادي، غيب وادي.

spirituality (اسپريچوئلٽي) **n.** condition or state of being spiritual; that which is spiritual; property held or revenue received in return for spiritual service; the clergy. روحاليت، روحاني وجود، اڌ آتميتا، دل جي صفائي.

spiritualize (ise) (اسپريچوئلائيز) **vt** to make spiritual; to imbue with spirituality; to refine; to free from sensuality; to give a spiritual meaning to.روحاني ڪرڻ، پاڪ ڪرڻ، روح وجهڻ، روحاني طور يا روحاني ڪري سمجهڻ، روحاني معني ڏيڻ.

spirituel (اسپريتيوئل) **adj** showing refined and witty grace and delicacy.فهيم، عقل وارو يا واري، نفيس مزاج (خاص طور عورتن لاءِ لفظ).

spirituous (اسپريچوئس) **adj** sprightly; spiritual; of the nature of, or containing, a volatile principle; alcoholic.غير مادي يا جسماني، چڪايل، تکو، نشي وارو، صاف، اصل، تيزدارو، شراب، نشو، شراب جهڙو، مديہ ساز، تيز.

spiritus (اسپريٽس) **n** spirit; a breathing.روح، ساهہ، ساهہ کڻڻ.

spiritus asper (اسپريٽس ائسپر) **n** rough breathing. سهڪڻ، ڏکيو ساهہ کڻڻ، کهرو ساهہ کڻڻ.

spiritus lenis (اسپريٽس لينس) **n.** smooth breathing سولائيءَ سان ساهہ کڻڻ، آسانيءَ سان يا هلڪو ساهہ کڻڻ.

spirity (اسپرٽي) **adj** spirited; spirituous..زور ڀريو، زور وارو، روح وارو، روحاني.

spiro-[1] or **spir-** (اسپائرو) combining form : denoting - spiral. پيچ، پيچدار، وراڪي دار، گول، چلائون.

spiro-[2] (اسپائرو)combining form : denoting - breathing, respiration. ساهہ، دم، ساهہ کڻن جو عمل.

spirochaete (اسپائرو ڪيٽ) **n** a spirally coiled bacterium lacking a rigid cell wall, the cause of syphilis and other diseases.گول جراثيم، بنا ڪنهن سخت جسمي تهہ جي جراثيم، پيچ دار جيوڙو، پيچدار جراثيم، (جنهن مان پرميل جي بيماري ٿيندي آهي)

spirogram (اسپائرو گرام) **n** a record obtained from a spirograph. ساهہ نگار رستي تيار ڪيل نقشو.

spirograph (اسپائرو گراف) **n** an instrument for recording breathing movements. ساهہ نگار.

spirogyra (اسپائروگائرا) **n** any freshwater algae of the genus with chlorophyll in spiral bands.تازي پاڻيءَ جي ڪائي.

spirometer (اسپائرو ميٽر) **n** an instrument for measuring lung capacity..ڦڦڙن جي ڦوڪجڻ جي ماپ ڪندڙ اوزار، ساهہ ماپ، دم ماپ اوزار، تنفس پيما.

spironolactone (اسپائرو نلڪتون) **n** a synthetic corticosteroid drug used in the treatment of hypertension and as a diuretic.مصنوئي طريقي سان تيار ڪيل ڪارٽيزون دوا جيڪا فشار خون يا رت جي دٻاءُ لاءِ علاج طور ڪتب ايندي آهي.

spirophore (اسپائرو فور) **n** an apparatus for inducing artificial respiration by means of an airtight case for the body and an air pump. هترادو ساهہ کڻڻ جو اوزار.

spirt[1] (اسپرٽ) **vi, vt** to shoot out forcibly, or in a fine string jet; to squirt in a fine strong jet; a sudden fine jet. زور سان نڪرڻ، پچڪاريءَ وانگي نڪرڻ، ڦوهارو ڪڍڻ.

spirt[2] (اسپرٽ) **vi** to sprout, shoot up..انگورجڻ، ڦوڪڻ، تاريون نڪرڻ.

spiry (اسپائري) **adj** shooting into spires; a spire-like; tapering; abounding in spires; spirally coiled. چوٽيدارو، منارن سان، پيچدار، ور وڪڙ دار، مخروطي، پيچارو، ويڙهي، ويڙهي دار، اسرندڙ.

spissitude (اسپيسي ٽيوڊ) **n** density..گهاٽاڻ، ڪثافت، ٿلهاڻپ، ڳوڙهائپ.

staphylococcus (اسٽيفلوڪوڪس) n a Gram-positive spherical bacterium of the genus, found in clustered masses and producing exotoxins which can cause serious infections such as osteomyelitis, pneumonia, boils, abscesses.گولائون جيوڙو جهڪو ڇڳن جي صورت ۾ هوندو آهي، انگوري جيوڙو، چٽ وارو جراثيم.

staphyloma (اسٽيفائلوما) n abnormal protrusion of the sclera or of the cornea. اک جي دوڏي جو ٻاهر اچڻ.

staphyloplasy (اسٽيفلوپلئسي) n plastic surgery involving the soft palate and the uvula..ڪاڪڙي پيوندي، تارونءَ پيوندي، ڪاڪڙي جي پلاسٽڪ جراحي.

staphylorrhaphy (اسٽيفلوريفي) n the operation of uniting a cleft palate.تارونءَ جيريل تارونءَ جي سبائي يا مرمت، تارونءَ کي ٽانڪو، تارونءَ وڌ ٽوبو.

staple[1] (اسٽيپل) n, adj & vt a leading commodity or raw material a main element (as of diet, reading, conversation); unmanufactured wool or other raw material; textile fibre, or its length and quality; a settled mart or market; constituting a staple; leading, main; to grade wool or cotton according to staple.جنس، شيءِ، مکيه جزو، خام جنس ، ڪچو مال، خاص پيداوار، تند، مکيه، خاص، ڪپهه ڌاڳو، تند وار ، ان، پشم، تاندورو، ريشو، ڪپهه جي جنس بندي ڪرڻ، بازار، منڊي، سودو.

staple[2] (اسٽيپل) n, vt a u-shaped rod or wire for driving into a wall, post, as a fastening; a similarly-shaped piece of wire that is driven through sheets of paper and compressed, to fasten them together; the curved bar, that passes through the slot of a hasp, receives a bolt; the metallic tube to which the reed is fastened in the oboe; to fasten with a staple.ڪنڊو، ڪولابو، مڙيل تار، ڪنڊو هڻڻ، ڪاغذن کي هڪ هنڌ بند ڪرڻ واري پن يا ڪلپ، وريل سيخ، ساز جو وريل حصو، پن سان بند ڪرڻ.

stapler[1] (اسٽيپلر) n a merchant of a staple; a person who grades and deals in wool.واپاري، سوداگر، اُن کي قسم وار ترتيب ڏيندڙ دڪاندار.

stapler[2] or **stapling-machine** (اسٽيپلر آر اسٽيپلنگ مشين) n an instrument for dispensing and inserting staples into papers etc. تار ٺوڪڻ سانچو، پن هڻڻ واري مشين.

star[1] (اسٽار) n, adj, vt & vi any of those heavenly bodies visible by night that are really gaseous masses generating heat and light, whose places are relatively fixed; more loosely, these and the planets, comets, meteors and even, less commonly, the sun, moon and earth; a luck, or an astrologer's summary of planetary influences; an object or figure with pointed rays, most commonly five; an asterisk; a starfish; a radial meeting of ways; a star-shaped bade or emblem, denoting rank, honour or merit used in grading; a white mark on an animal's forehead, esp a horse's; a pre-eminent or exceptionally brilliant person; a leading performer, or one supposed to draw the public; a networking conformation in which the central control point is linked individually to all workstations; of stars; marked by a star; leading, pre-eminent brilliant; to make a star of; to have specified person as a star performer; to mark with a star; to bespangle to shine, as a star; to attract attention; to appear as a principal or star performer..تارو، ستارو، نکٽ، اختر، نکتر گرهه، نجم، سج، چنڊ، ڌرتي وغيره، چمڪندڙ يا ترورا ڏيندڙ جسم، لمڪندڙ جسم، پنجن ڪنڊن واري تاري جو نشان، ڪنهن اداري جو تاري صورت نشان، ڪنهن عهدي کي ملڻل تاري وارو نشان، تاري صورت مڇي، هڪ جهڙن خيالن وارن جي گڏجاڻي، تاري صورت ٽائيپ يا ڇاپي جو نشان، جانور جي منهن تي تاري صورت نشان خاص ڪري گهوڙي کي، تاري صورت درجي جو نشان، طالع، نصيب، تارو نشان، ڀاڳ، قسمت، ٻالو، لقب جو، لقبي ستارو، اونداهي، مشهور ماڻهو، اداڪار يا رانديگر، مشهور ڪردار، مشهور يا معتبر ماڻهو، تاري صورت مرڪزي بيهڪ جنهن سان ٻيا نظام ڳنڍيل هجن، تارن بابت، تاري جو نشان لڳل، تلڪ لڳل، تارن ڀري،

تارن جي روشني، تاري وانگر چمڪڻ، ڏيان ڇڪائڻ، مشهور ڪرڻ، مکيه ڪردار يا ادڪار طور پيش ٿيڻ يا پيش ڪرڻ.

star² or **starr** (اسٽار) **n** Ammophila or any other coarse seaside grass, sedge or rush..ريگ پسند ٻوٽو. سامونڊي ڪنارن جو ٻوٽو.

staragen (اسٽاراجن) **n** the tarragon plant.جنس گوماندر ٻوٽو.

staranise (اسٽار انس) **n** a Chinese evergreen tree of the Magnolia family, with aromatic oil; the star shaped dried seed pods of this tree, imparting an aniseed flavour when used in cookery.چين جو سدابهار يا هميشه ساوو رهندڙ وڻ، مئگنوليا قسم جو وڻ (جنهن مان خوشبودار تيل حاصل ڪيو ويندو آهي).

star-apple (اسٽار ايپل) **n** the edible fruit of the West Indian sapotaceous tree..صوف جي قسم جو کاڄرو ميوو. صابڻي خاصيت وارو، صابڻ آميز، صابڻ جهڙو.

starboard (اسٽار بورڊ) **n, adj & vt** the right-hand side of a ship of, to, towards, or on, the right; to turn to the right; opposite of port. .جهاز جو ساڄو حصو يا پاسو. ساڄي پاسي مڙڻ، بندر جي مخالف طرف هجڻ.

star-billing (اسٽاربلنگ) **n** prominent display of the name of a performer on posters etc.ڪنهن اداڪار يا صداڪار جو نالو نمايان طور ڏيکارڻ يا مشهور ڪرڻ.

star-bright (اسٽار برائيٽ) **adj** bright as a star or with stars. تاري جهڙو اڇو يا چمڪندڙ.

starburst (اسٽار برسٽ) **n** a pattern of radiating lines or rays around a central object, light source; an explosion or a lens attachment producing this effect; a period of intense activity, apparently star formation, in certain galaxies.روشنيءَ جي ماخذ مان ڪرندڙ ترورن واري روشني، ڌماڪي يا ڌماڪي سان نڪرندڙ روشني يا ترورا، روشنيءَ جا ڪرڻا، تمام گهڻي هل هلان يا وٺ وٺان وارو وقت، مصروفيت وارو وقت، هلچل وارو وقت.

starch (اسٽارچ) **n, adj & vt** the principal reserved food material stored in plants, chemically a carbohydrate, $(C_6H_{10}O_5)_x$ used in laundry as a stiffener; stiffness, formality; made of starch; stiff, rigid, formal; to stiffen or stick with starch,.ڪلف، پيچي، نشاستو، ان جو ست، ڪلفڻ، پتو، گهڻ مٺاڻ ڪاڙو، باضابطگي، يا قاعدگي، ڪلف لڳائڻ، ڪلفائڻ، ڪلف سان چنبڙائڻ، آهرڻ.

starch blocker (اسٽارچ بلاڪر) **n** a slimming aid which is thought to prevent the body from digesting starch. (بدني) نشاستو گهٽ ڪندڙ مادو، جسم جي ٿولهه گهٽائڻ وارو مادو.

starch-grain (اسٽارچ گرين) **n** a rounded or irregular mass of starch in the plastids of plants.ٻوٽن يا ٻجن ۾ موجود نشاستي وارو مادو.

starch gum (اسٽارچ گم) **n** dextrin. نشاستي ڪوئر، ڪلف.

starch hyacinth (اسٽارچ هائسنٿ) **n** grape hyacinth, from its smell. سنبلي انگور ٻوٽو.

starch paper (اسٽارچ پيپر) **n** a test paper for iodine, coated with starch and potassium iodide.آيوڊين جي ڇڪاس لاءِ نشاستي وارو پنو.

starch-reduced (اسٽارچ رڊيوسڊ) **adj** (of bread for the use of slimmers) containing less than the usual amount of starch. .نشاستو گهٽايل مانئي، گهٽ مٺاڻ وارو ڪاڙو.

starchy (اسٽارچي) **adj** of or like starch; stiff, formal, strait-laced, primp; precise..ڪلف وارو، گهٽ ڪندڙ، نشاستيدار، ڪلف دار، ڪڙو، اپو، مناسب، گهٽايل، سڌو.

star-crossed or **star-crost** (اسٽار ڪراسڊ آر ڪراسٽ) **adj** thwarted by the stars; ill-fated.ڀاڳو، ستارن يا تارن طرفان ناڪام بنايل.

star drift (اسٽار ڊرفٽ) **n** a common proper motion of a number of fixed stars in the same region.ستاري حرڪت، ستاري ڌارا.

star dust (اسٽارڊسٽ) **n, adj** cosmic dust, meteoric matter in fine particles; distant stars seen like dust grains; an imaginary dust that blinds the eyes to reality and fills them with romantic illusions; glittering, romantic, magical.ستارن يا تارن مان ڪرندڙ ذرڙا يا ڌوڙ وارو مادو، خلا ۾ موجود ڌوڙ، چمڪندڙ، وڻندڙ، جادوئي، جادوءَ جو اثر رکندڙ.

stare¹ (اسٽيئر) **vt, vi & n** to look with a fixed gaze; to glare; to be insistently or obtrusively conspicuous, to be all to obvious; to put into a particular state by staring; a fixed look..تڪڻ، گهورڻ، جوهڻ، هڪڻ، نهارڻ، جوهه وجهڻ، اک وجهڻ، تڪي گهيرائي ڇڏڻ، گهور، تڪ، نهار.

stare² (اسٽيئر) **n.** a starling. مينا پکي، ڪبر پکي، وهيو پکي.

staretz or **starets** (اسٽارينس) **n** (in Russia) a holy man, a religious teacher or spiritual advisor (Russ). پادري وغيره، روس ۾ پادري يا مذهبي صلاح ڪار.

star-fish (اسٽارفش) **n** any member of the Asteroidea, a class of Echinoderms with five arms merging in a disc, and tube-feet on the under surface; sometimes extended to the ophiuroids..تارو مڇي، نجم بحر، ستاره صورت مڇي.

star-fruit (اسٽار فروٽ) **n** the fruit of the carambola tree, star-shaped in cross-section. تاري جهڙو ميوو.

star-gazer (اسٽارگيزر) **n** an astrologer; an astronomer; someone who gazes at the sky, or in abstraction; a dreamer or wool-gatherer; a small supplementary

sail set above the moon sail and skysail on a square-rigged ship; any fish with upward-looking eyes set on top of its head, enabling it to see when it conceals itself in the sand on the sea bottom. فلڪيات جو ماهر. تارا تڪيندڙ. نجومي. جوتشي. هيئت دان. ستاري بين. ننڍو جهاز. ڪابه مڇي جيڪا پاڻ کي سمنڊ جي تري واريءَ ۾ لڪائيندي آهي ان وقت سندس اکيون مٿي هجڻ ڪاري ڏسي سگهندي آهي.

stargaze pie (اسٽار گيز پاءِ) **n** a savoury Cornish fish pie in which whole fish are baked in pastry with their heads protruding through the crust.مڇيءَ سان ٺاهيل پاجي.

star grass (اسٽار گراس) **n** a name for many grasslike plants with star-shaped flowers or leaf arrangement.ستارو گاهه. ستاري يا تاري نما گاهه. اهڙا گاهه وارا بوٽا جن جا پن يا گل تاري وانگر هجن.

stark (اسٽارڪ) **vt, vi, adj & adv** stern; harsh; plain, bare, unadorned; sheer; out-and-out; harshly apparent; all too clear; stark-naked; utterly; to stiffen. سخت ڪهرو. ڏاڍو. صاف. ڪرٽ. اڻ سينگاريل. خالي. وانجهيل. لسو. سادو. بلڪل. چٽ. چريو. صاف. واڪو رکيل. اگهاڙو. سخت ڪرڻ. ڪلف چاڙهڻ. ڪلف ڏيڻ.

stark-naked (اسٽار نيڪڊ) **adj** utterly naked; quite bare. سڄو ننگو. مڪمل اگهاڙو.

star-led (اسٽار ليڊ) **adj** guided by a star.تارن مان سمجهندڙ يا تارن ذريعي رستو ڏسندڙ

starlet (اسٽار ليٽ) **n** a kind of starfish; a little star; a young film actress, esp one hailed as a future star. ننڍڙو تارو. مڇيءَ جو قسم. نوجوان فلمي اداڪاره.

star light (اسٽار لائيٽ) **n, adj** light from the stars; an unknown plant, otherwise called astrophel or penthis; of or with starlight; lighted by the stars; bright as a star.تارن جي روشني. ستارن جي روشني. تاري جهڙو اڇو. تارن وانگر روشن. نور. سهائي.

starling[1] (اسٽارلنگ) **n** a bird with black, brown-spotted, iridescent plumage, a good mimic; any other member of its genus or family. مينا. ڪبر پکي. ڪارو وهيو. تليئر.

starling[2] (اسٽارلنگ) **n** piling protecting a bridge pier.پل يا موريءَ جو ٿنڀ. ٿنڀ جي مددي بيهڪ. پل جي ٿل جي بنياد جي پرائي.

starlit (اسٽارلٽ) **adj** lighted by the stars.تارن جي روشني ڀيل. تارن جو روشن ڪيل.

star map (اسٽار مئپ) **n** a map showing the positions of star. تارن جو نقشو.

star monger (اسٽار مانگر) **n** an astrologer..نجومي. جوتشي.

ستاري بين. هيئت دان.

starnosed mole (اسٽارنوزڊ مول) **n** an American aquatic mole with a starlike fringe of sensory tentacles around its nose. اتر آمريڪا جو ڪئي جي جنس جو جانور. تاري نڪ ڇچولدر. تاري جهڙي نڪ وارو ڪستوري ڪئو.

star-proof (اسٽار پروف) **n** impervious to starlight.تارن جي روشنيءَ جو اثر نه وٺندڙ.

star-eyed (اسٽار آئيڊ) **adj** out of touch with reality; innocently idealistic; radiantly happy..حقيقت کان ڏور. پنهنجي مت وارو. تمام گهڻو خوش. آسودو. مال ملڪيت وارو. ڀنيءَ ڀاري وارو. مالدار.

star ruby or sapphire (اسٽار روبي آر سفاير) **n** a ruby or sapphire manifesting asterism. تاري صورت هيرو. موتي يا جواهر. جهرمر ڪندڙ موتي. هيرو. نيلم. ياقوت.

starry (اسٽاري) **adj** covered with or full of stars; resembling a star; of or relating to stars in entertainment; full of stars..تارن ڀري (رات). تارن جهڙو. ستارن جهڙو. اداڪارن سان لاڳاپيل. مشهور اداڪارن جو ميڙ.

star-shaped (اسٽارشيپڊ) **adj** shaped like a conventional star, with pointed rays..تارن وانگر. ستاري صورت. ڪنداٺون.

starshell (اسٽارشيل) **n** a shell that explodes high in the air, lighting up the scene.روشنيءَ جو گولو. هوا ۾ ڦاٽندڙ گولو (روشنيءَ جو). ستاري خول.

starshine (اسٽارشائين) **n** starlight. تارن جي تجلي. چمڪ. روشني.

starsign (اسٽارسائن) **n** a sign of the zodiac.تاري ڇاپ. تاري جو نشان. برج.

starspangled (اسٽار اسپينگلڊ) **adj** spangled or studded with stars. تارن ڀريل يا تارا لڳل.

star spot (اسٽار اسپاٽ) **n** an area of relative darkness on the surface of a star. تاري ۾ ڇٽو يا داغ.

star stone (اسٽارا اسٽون) **n** a sapphire, ruby or other stone showing asterism.تاري پٿر. سنگ ستاره. لعل يا ياقوتي پٿر. نيلم جو پٿر.

star-studded (اسٽار اسٽڊيڊ) **adj** covered with stars; (of the cast of a film or play) having a high proportion of famous performers; a star tortoise. تارن سان ڍڪيل. مشهور اداڪارن تي مشتمل فلم يا ڊرامو. وڏن اداڪارن سان ڀريل ڊرامو يافلم. تارن جي نشانن واري ڪمي يا ڪڇون.

start (اسٽارٽ) **vi, vt & n** to begin, commence; to shoot, dart move suddenly forth, or out; to spring up or forward; to strain forward; to break away; to make a sudden involuntary movement as of surprise or becoming aware; to spring out, out of

place, or loose; to begin to move; (of a car or engine) to begin to work, to fire, combust; to set forth on a journey, race career; to take to grumbling, to begin an argument, quarrel; to begin; to set going; to set on foot; to set up; to cause to begin; to conceive (a baby); to drive an animal or bird from a lair or hiding-place; to cause or undergo displacement or loosening of; to startle; to break in a young horse; to pour out or shoot; a beginning; a beginning of movement, esp of a journey, race or career; a setting in motion; the time or place at which something starts, eg a race; a help in or opportunity of beginning; an advantage in being early or ahead; the extent of such an advantage in time or distance; a sudden movement; a spurt, spasm, burst; a beginning of building work on a new house site..شروع ڪرڻ، شروعات ڪرڻ، منڍ ڪرڻ، چٽڻ، روانو ٿيڻ،هلڻ، لڪرڻ، چرڪ پرڻ، ڀڙڪڻ، ٽهڻ، چالو ڪرڻ، کولڻ، ڪڍڻ، ڇرڪڻ، ڊڪڻ، پند پوڻ، (گاڏيءَ جو) چٽڻ، (ڪانيءَ جو) ڦري وڃڻ، (شڪار) اٿارڻ، دليل ڏيڻ، وڙهڻ، اٿي کڙو ٿيڻ، جاڳائڻ، جاڳڻ، هرڻ، چرڻ، کولڻ، گاڏي هلائڻ، افواهه اٿارڻ، افواهه ڦهلائڻ، ڪم ۾ رُنڀائڻ، لڳائڻ، (ڪارخانو) ڪڍڻ، شروع ڪرڻ، ڪم ۾ کهيڙڻ، چرڪ، اڌمئو، جهجڪي، ٽاهه، موج، شروع، روانگي، سيٽ، لهرو، مروڙ، شروعات، وهي هلڻ، ڦالي پوڻ، ڪم لئين سر شروع ڪرڻ، نئون گهر نهرائڻ شروع ڪرڻ، اوچتو هلڻ، تڪڙي چرپر ڪرڻ، سويل اچڻ، اڳ پهچڻ، شروع ڪرڻ جو پهريون يا شروعاتي موقعو.

starter (اسٽارٽر) **n** one of the competitors or horses assembled for the start of a race; a person who gives the signal for starting; a dog that drives out game; an apparatus or device for starting a machine, such as that for starting an internal-combustion engine; anything used to begin a process; the first course of a meal; a potentially successful or profitable idea, project..ڊوڙ ڪرائيندڙ، ڊوڙندڙ، ڊوڙ ۾ شريڪ ٿيندڙ، ڊڪڻ جو اشارو ڪندڙ، شڪار ڪندڙ ڪتو، مشين کي چالو ڪندڙ پرزو يا ڪل، ڪابه شيءِ چالو ڪندڙ، ڪامياب خيال، شروعاتي ڪاڌو، ڪامياب پلان يا منصوبو.

starter home (اسٽار ٽرهوم) **n** a small house or flat built, or considered by the seller, to suit and be affordably by a first-time buyer, esp a young couple. ننڍو گهر، فليٽ، ننڍي خاندان يا ڪٽنب لاءِ گهر.

starting block (اسٽارٽنگ بلاڪ) **n** a device for helping a sprinter make a quick start to a race, consisting of a framework with blocks of wood or metal attached, on which the sprinter braces his feet.گهوڙي کي تيز ڊوڙائڻ لاءِ هڪ اوزار (جيڪو ان کي هوشيار ڪري يا مدد ڪري).

starting gate (اسٽارٽنگ گيٽ) **n** a movable barrier behind which the runners in a horse race are contained till the start; starting stalls.ريس يا ڊوڙ وارن گهوڙن کي بيهارڻ وارو در يا لنگهه.

starting hole (اسٽارٽنگ هول) **n** a hiding place; an evasive trick. لڪڻ جي جاءِ ، منجهائڻ واري اٽڪل.

starting point (اسٽارٽنگ پوائنٽ) **n** the point from which anything starts, or from which motion begins. روانگيءَ جي جاءِ، شروع ٿيڻ واري جاءِ، ابتدائي نقطو.

starting post (اسٽارٽنگ پوسٽ) **n** the post or barrier from which the competitors start in a race ٽڪ يا ڊڪڻ جي جاءِ يا جڳهه.

starting price (اسٽارٽنگ پرائيس) **n** odds on a horse when the race begins.ڊوڙ شروع ڪرڻ وقت گهوڙي تي لڳل شرط، فرق يا وٿي.

starting stalls (اسٽارٽنگ اسٽالس) **n** a line of compartments in which runners wait before the start of a horse race, fitted with gates that are sprung open at the start. شروع ٿيڻ جو هنڌ، گهوڙن جو ڊوڙڻ لاءِ تيار ٿي بيهڻ وارو لنگهه.

startle (اسٽارٽل) **vt, vi & n** to surprise or frighten suddenly; to cause to start with alarm; to take aback; to cause to awake with a start; to start with alarm; to awake with a start; (of a horse) to shy; sudden alarm or surprise..چرڪائڻ، ٽاهه ڏيڻ، ڊيڄارڻ، ڌپ ڏيڻ، شروع ڪرڻ، ڇرڪڻ، ٽهڻ، عجب ۾ وجهڻ، اچرج ۾ آڻڻ، چرڪ وجهڻ، حيرت انگيز ڪرڻ، ڌرس ۾ وجهندڙ، چرڪ پرائڻ.

startle colours (اسٽارٽل ڪلرس) **n** bright colours on the bodies of animals or wings of birds which often resemble vertebrate eyes and act as an anti-predator device.جانورن جي جسم تي تيز رنگ، جانورن جي بدن جا نشان جيڪي انهن کي شڪارين کان لڪائين.

startling (اسٽارٽلنگ) **n, adj** surprising, alarming.اچرج ۾ وجهندڙ، حيرت يا عجب جهڙو، ڌرس، وجهندڙ، ڊيڄاريندڙ.

startrap (اسٽار ٽريپ) **n** a stage trap of several wedge-shaped pieces meeting in a centre.چير شڪل ڪانيءَ جي لڪرن جي مرڪزي بيهڪ.

startup[1] (اسٽارٽ اپ) **n, adj** an upstart; a rustic half-boot or short legging; the process of setting up a company or business; such a company or business.اٿارڻ، اٿي بيهڻ، جاڳائڻ، ڪارخانو کولڻ، جاڳڻ، شروع ڪرڻ، ڌنڌي جي شروعات ڪرڻ.

startup[2] (اسٽارٽ اپ) **vt.** to rise suddenly; to come suddenly into notice or being; to set in motion; to set up, initiate establish.اوچتو اٿڻ، شروع ڪرڻ، چالو ڪرڻ، اتفاقي طور ڌيان تي اچڻ، بيهڪ ڏيڻ، قائم ڪرڻ.

star turn (اسٽارٽرن) n the chief item in an entertainment; a pre-eminent performer. ڪنهن روشني جو مکيہ اسر، يا مکيہ اداڪار.

starvation (اسٽار ويشن) n suffering or death caused by lack of food, deficiency of food, act of starving. بک، فاقو، فاقا ڪڍڻ، بک ۾ مرڻ، لنگهڻ، فاقہ ڪشي.

starve (اسٽارو) vi, vt to die, only of hunger or cold; to suffer extreme hunger; to be in want; to deteriorate; to cause to die of hunger; to afflict with hunger; to deprive of good; to force, subdue or cure by depriving of food; to deprive. بک وگهي مرڻ، بک مرڻ، بک يا لنگهڻ ڪٽڻ، قحط، ڏڪار، بک مارڻ، سڪائڻ، فاقو، فاقا ڪڍڻ، سوڪهڙو، لنگهڻ ڪڍڻ، ڪاڏي ڪان پري رکڻ، ڪاڏي ڪان محروم ڪرڻ.

starveling (اسٽار ولنگ) n a lean, hungry, weak or pining person, animal or plant. ڏبرو، بڪايل، هيڻو، بک مئل، اڀرو، ڏڪاريل، قحطي، ڪمزور، لاغر.

Star Wars (اسٽار وارس) n, adj a colloquial term for the American Strategic Defence Initiative; آمريڪا جو آپ گرهن رستي جنگ ڪرڻ يا جنگ کان بچاءَ جو نظام.

star wheel (اسٽار ويل) n a spur wheel with a V-shaped teeth. چرخي، پکل ڪنارين يا ڏندن وارو ڦيٿو.

star wort (اسٽار ورٽ) n any plant of the genus aster; stitchwort; a water plant. پاڻيءَ جو ٻوٽو، گل مينا، نجم گل، سورج مکي گل.

stash (اِسٽش) vt, n to stow in hiding; to stop, desist; quit; a secret store, or its hiding-place; a hidden store of a drug, or the drug itself. لڪائي رکڻ، لڪي ويهڻ، باز رهڻ، پرهيز ڪرڻ، بچڻ، ڳجهو خالو يا لڪل جاءِ، غير قانوني دوائن جو لڪل دوڪان، غير قانوني دوائون.

stasimon (اسٽيسيمون) n in Greek tragedy, an ode sung after the chorus had taken their places, or without interruption by dialogue. يوناني الميہ ڊرامي جو هڪ گيت، مرثيو.

stasis (اسٽيسِس) n. cessation, arrest, esp of growth, of blood circulation or bleeding, or of the contents of the bowels; (maintenance of) a state of equilibrium, the period of equilibrium or no change in evolution. روڪ، رڪاوٽ، رت جو بند ٿيڻ، گرفتاري، بندش، واڌ جي بيهڪ، رت جو بيهڻ، پيٽ جو اخراجي مادو، برابر بيهارڻ، برابر يا ساڳي حالت ۾ هجڻ واري ڪيفيت.

-stat (اسٽيٽ) sfx designating a regulating device that causes something to remain constant or stationary, as in thermostat, hygrostat, barostat. ڪنهن اهڙي صفت کي ظاهر ڪندڙ لفظي بچاڙي جيڪا بيٺل يا ساڪت حالت ۾ هجي.

statant (اسٽيٽنٽ) adj standing on four feet. چئن پيرن تي بيهندڙ، چوپايو، چؤ پيرو جانور.

state (اسٽيٽ) n, adj, adv & vt a condition; a perturbed condition of mind; a mode of existence; a set of circumstances that exist at any time; a phase or stage; an impression taken at a stage of progress in engraving or etching or in printing a book; a status; station in life; high station; grave import; pomp, display, ceremonial dignity; a set of dignity; a canopy; an estate, order or class of society or the body politic; the legislature; an exalted personage; public welfare; the constitution; a republic; the civil power; a political community under one government; one of a number of political communities forming a federation; the territory of such a community; high politics; an interest in property; property, estate; a body of men united by profession; a statement, report; to set forth; to express the details of; to set down fully and formally; to assert, affirm; to install, establish, endow, place in a condition; to set in state; to specify; to settle. حيثيت، شڪل، حالت، ڪيفيت، ڍنگ، حالت، رونداد، تفصيل، بيان، درجو، رتبو، شان، اوستا، حشمت، دبدبو، وضع، طور، فرقو، رياست، مملڪت، سلطنت، تخت، سرڪار، منصب، دشا، گتي، فلڪ، مسند، قانون، ملڪي، سنگاسن، رياستي، شاهي، سرڪاري راڄ، بينڪ، شهہ نشين، چپائي يا اکر جي ڪم جو هڪ درمياني درجو، غير مڪمل اکر يا ڇپائي، ڇت، حڪومت، رياست، عوامي ڀلائي، سياسي حڪومت، سياسي پارٽي، ملڪ اندر موجود صوبا يا رياستون، صوبن جون حدون، مٿاهين درجي جي سياست، ملڪيت ۾ حق، ملڪيت، هڪ ڌنڌي وارن جي جماعت، سات، بيان، حڪمت عملي، بيان يا وضاحت ڪرڻ، ٻڌائڻ، چوڻ، گذارش ڪرڻ، مقرر ڪرڻ، ظاهر ڪرڻ، عرض ڪرڻ، ڪنهن حالت ۾ آڻڻ، واضح ڪرڻ، فيصل ڪرڻ، هاڪار ڪرڻ، ميڃڻ، بيهارڻ، قائم ڪرڻ، مطلب جو اظهار ڪرڻ.

state-aided (اسٽيٽ ايڊيڊ) adj receiving contributions from the state. سرڪار کان يا رياست کان چندو وٺندڙ، امداد حاصل ڪندڙ، امدادي ادارو.

State Bank (اسٽيٽ بئنڪ) n a bank that is awarded its charter by a state; a banker's bank. رياستي يا ملڪي بئنڪ، سرڪاري بئنڪ، ناڻي واري بئنڪ.

state cabin (اسٽيٽ ڪئبن) n a stateroom on a ship. جهاز جو شهہ نشين.

state capitalism (اسٽيٽ ڪيپيٽلزم) n a system of state control and use of capital. ملڪي رياستي ضابطي جو طريقو، ماڻاتي وسيلن جو سرڪاري هٿ هيٺ هجڻ وارو نظام يا سرشتو.

statecraft (اسٽيٽ ڪرافٽ) n the art of managing state affairs. رياستي معاملا هلائڻ جو فن، لياقت، حڪمرانيءَ جو فن.

state house (اسٽيٽ هائوس) n the building in which a

state legislature sits; a building where state ceremonies are held; a house built by the government for renting.سرڪاري گهر، سرڪاري عمارت، پارليامان جي عمارت، سرڪاري دفتر جي عمارت.

stateless (اسٽيٽ ليس) **adj, n** without nationality; unworthy to be accounted a state; without pompبي ملڪ، بنا شهريت جي، بي وطن، لاوطن، مهاجر، پناهه گير، لاڏائو، بنا ڪنهن واهر وسيلي جي، الله جو مائهو.

stately (اسٽيٽلي) **adj, adv** showing state or dignity; majestic, greatly impressive; majestically; loftily..شاناائتو، شاهاڻو، رعبدار، دبدبي وارو، شاندار، بلند، عاليشان، رُعب وارو، آباڻتو، باهمت، فلڪي.

stately home (اسٽيٽلي هوم) **n** a large, fine old house, esp one open to the public.عوامي گهر، عوامي نماءُ لاءِ کوليل پراڻي سرڪاري يا شاهي عمارت، عوامي مرڪز.

statement (اسٽيٽ مينٽ) **n** the act of stating; that which is stated; a formal account, declaration of facts; an instruction in a source language or any directive input to a program that converts a source language into machine code (comput); a financial record, eg one issued regularly by a bank to a customer, stating his or her personal balance and detailing debits and credits; a written undertaking, legally binding, by an education authority to provide certain stated resources in the education of a particular child with learning difficulties..بيان، اظهار، دعويٰ، پڌرائي، زباني، ڪيفيت، فرد، گوشوارو، نقشو، ڪمپيوٽر جو پروگرام جيڪو لکت کي مشيني زبان ۾ داخل ڪري محفوظ ڪري، بئنڪ ۾ رکيل پيسن جي ڏيتي ليتيءَ جو تفصيلي گوشوارو، ٻار کي ضروري تربيت مهيا ڪرڻ جو تاڪيدي بيان.

state of affairs or events (اسٽيٽ آف افيئرس آر ايونٽس) **n** a situation, set of circumstances.حادثاتي حالت، معروضي حالت، موجود حالتون، رياستي معاملا، ملڪي معاملا.

state of emergency (اسٽيٽ آف امرجنسي) **n** a condition of danger or disaster affecting a country, esp with normal constitutional procedures suspended.خطري يا مصيبت واري حالت، هنگامي حالت، ڏکي صورتحال، منجهائيندڙ يا جنگ واري صورتحال.

state of grace (اسٽيٽ آف گريس) **n** the condition of being free from grave sin.وڏي گناهه کان پاڪ، ڪبيري گناهه کان پاڪ.

state of life (اسٽيٽ آف لائيف) **n** rank and occupation. ڏلڪو، درجو، رتبو، ڪم ڪار، ڪرت، ڪم، عمل، پيشو، عهدو.

state of play (اسٽيٽ آف پلي) **n** the situation as it currently stands. راند جي موجوده حالت.

state of repair (اسٽيٽ آف ريپئر) **n** physical condition, soundness. جسماني حالت، صحتمندي، مضبوطي، پائداري.

state of the art (اسٽيٽ آف دي آرٽ) **n** the level or position at a given time, esp the present, of generally accepted and available knowledge, technical achievement, in a particular field; the level of technological development as yet unsurpassed in a particular field..موجود يا گهربل وقت ۾ حالت، موجوده ڄاڻ، معلومات، فني يا هنري ڄاڻ، ڪنهن خاص مضمون ۾ مهارت، ڪنهن خاص فن يا هنر جي موجوده حالت.

state of war (اسٽيٽ آف وار) **n** the situation when war has been declared or is in progress.جنگي حالت، ويڙهه واري حالت.

state paper (اسٽيٽ پيپر) **n** an official paper or document relating to affairs of state.رياستي معاملن بابت سرڪاري چٺو، سرڪاري ڪاغذ، مملڪت جي باري ۾ ڪاغذ.

state prisoner (اسٽيٽ پرزنر) **n** a prisoner confined for offence against the state.سرڪاري قيدي، رياستي قيدي، هاڻ ڏوهه جو قيدي، قيدي جنهن مملڪت يا حڪومت خلاف ڏوهه جو ارتڪاب ڪيو هجي، سياسي قيدي.

state religion (اسٽيٽ رليجن) **n** a religion recognized by the state as the national religion.رياستي مذهب، ملڪي مذهب، سرڪاري مذهب.

stateroom (اسٽيٽ روم) **n** a private cabin or railway compartment.عوامي بيٺڪ، راڄ بيٺڪ، ريل جو سهڻو وارو ڪمرو يا گاڏو.

state school (اسٽيٽ اسڪول) **n** one controlled by a public authority, and financed by taxation.رياستي اسڪول يا عوامي مڪتب، سرڪاري اسڪول، مفت يا ٿوري خرچ وارو تعليمي ادارو.

statesman or stateswoman (اسٽيٽس مئن آر وومن) **n** a person skilled in government; a person who takes an important part in governing the state, esp with wisdom and broad-mindedness; a person who farms his or her own estate, a small landholder.(عورت يا مرد) سياستدان، مدبر رياست، حڪومتي انتظام جو ماهر، سياست جو اهل، مدبر سلطنت، ننڍو زميندار جو پاڻ ۾ هاريو ڪري، هاري زميندار، آبادگار.

state socialism (اسٽيٽ سوشلزم) **n** a system of state control of industries and services.رياستي انتظام جو اشتراڪي طريقو، شراڪتي نظام.

statewide (اسٽيٽ وائيڊ) **adj** applied throughout the state. پوري ملڪ يا رياست ۾ لاڳو، سڄي ملڪ اندر قابل عمل.

static[1] or **statical** (اسٽيٽڪ) **adj** pertaining to statics; pertaining to bodes, forces, charges in equilibrium; stationary; stable; resting; acting by mere weight; pertaining to sense of bodily equilibrium..بيٺل، ساڪن، بي حرڪت، ماٺيو، وزني سڪوني، غير متحرڪ.

ساڪت بوج وديا جو. فقط پنهنجي وزن تي عمل ڪرڻ وارو. سڪون ۾ موجود شين بابت. ثقلي وزن بابت. وزني برابريءَ بابت.

static2 (اسٽيٽڪ) n statics; atmospheric disturbances in radio reception; white specks or flashes on a television picture; crackling on a vinyl record; static electricity..سڪون ۾ موجود شين بابت علم. علم سڪونيات. مادي سڪونيت جو علم. سڪون اجسام. ريڊيو ۾ ماحولياتي گڙ ٻڙ ڪري ايندڙ آواز ۽ ٽيليوزن ۾ نظر ايندڙ اڇا ترورا. غير متحرڪ ڪرنٽ. برق ساڪن. ساڪن وچ. بي حرڪت بجلي. سڪوني برق.

statice (اسٽٽسي) n any plumbaginaceous plant of the sea lavender genus, many of which are cultivated for their everlasting flowers.دائمي گلن وارو خوشبودار بوٽو.

static electricity (اسٽيٽڪ اليڪٽريسٽي) n electrical charges that are stationary, not moving along in a current. برق ساڪن. سڪوني برق. بي حرڪت بجلي. غير متحرڪ بجلي. اڻ چرندڙ بجلي.

static line (اسٽيٽڪ لائن) n a cord joining a parachute pack to the aircraft so that when the wearer of the pack jumps, the parachute is automatically opened. پيراشوٽ ڇٽيءَ جي رسي جيڪا ٽپ ڏيڻ وقت ان کي کوليندي آهي.

static memory (اسٽيٽڪ ميموري) n (comput) random access memory in which information is retained as long as power is maintained..ڪمپيوٽر جي صلاحيت. ڪمپيوٽر ۾ معلومات رکڻ لاءِ مهيا ڪيل گنجائش.

statics (اسٽيٽڪس) n. sing the science of forces in equilibrium..علم توازن (طاقت) تلا. بوج وديا. اسٽت شاستر. علم سڪون اجسام. علم سڪونيات. مادي. سڪونيت جو علم.

statim (اسٽيٽم) adv immediately, at once..هڪدم. اوچتو. جهٽ پٽ. تڪڙ ۾. اتي جو اتي. ٺهه پهه. جلديءَ ۾.

station (اسٽيشن) n, vt & adj a standing still; a mode of standing; position; a chosen fixed point; a standing-place; a fixed stopping-place, esp one on a railway with associated buildings and structures; a place set apart and equipped for some particular purpose; a place where a person stands; a local office, headquarters, or depot; a branch post office; a habitat; an actual spot where a species has been found; an assigned place or post; an assigned region for naval duty; a place in India where officials and officers reside; a stock farm; a position in life or in the scale of nature..اسٽيشن. آستان. جاءِ. بيهڻ جي جاءِ. جوءِ. مقام. آستانو. ٺڪاڻو. مڪان. آڏو. منزل گاهه. گودي. بيهڪ. عهدو. رتبو. منصب. حيثيت. جڳهه. نوڪري. ڪم ڪار. مرتبو. جڳهه. درجو. چالوڻي. آفيسرن جي رهڻ جي جاءِ. بيهارڻ. رکڻ. چوڪي. بينڪ. قدرتي بيهڪ. ٿاڻو. مقرر ڪرڻ. (ڪنهن جاءِ تي) رکڻ.

stationary (اسٽيشنري) adj, n still; unmoving; fixed; static, not changing; settled; permanently located; continuously resident..بيٺل. ڪٽل. هڪ جاءِ تي بيٺل. ٿاليڪو. پڪو رهندڙ. هنداڻو. ماڳائتو. هڪ ٿاليڪو. هڪ هنڌ بيٺل. اٽل. قائم. ٿر. ٿاناتو.

stationary air (اسٽيشنري ايئر) n air remaining in the lungs during ordinary respiration.ساهه کڻ وقت ڦڦڙن ۾ رهيل هوا.

stationary point (اسٽيشنري پوائنٽ) n a point on a curve where the gradient is zero.ٽڪائي نشان. ڪنهن ليڪ يا ور ۾ اهڙو نشان جتي لاڙ ٻڙي هجي.

stationer (اسٽيشنر) n a bookseller or publisher; a dealer in writing-materials and the like; a shopkeeper..ڪتاب وڪڻندڙ. ڇاپيندڙ. دوڪاندار. پناري. ڪاغذائي. ڪاغذ قلم وڪرو ڪندڙ. لک پڙهه جو سامان ۽ اسڪولي ٻارن جي استعمال جون شيون وڪڻندڙ.

stationery (اسٽيشنري) adj, n belonging to a stationer; the goods sold by a stationer.ڪاغذ پنا وڪڻندڙ بابت. مس. ڪاغذ. قلم وغيره. لکڻ جي سامگري.

stationery office (اسٽيشنري آفيس) n an office for providing books, stationery, to government offices and for arranging the printing of public papers.ڪتابن پهچائڻ جو دفتر. سرڪاري دفترن کي ڪاغذ ۽ آفيس جي استعمال جو سامان مهيا ڪندڙ کاتو يا ادارو.

station hand (اسٽيشن هينڊ) n a man employed on a station. اسٽيشن يا ٻاهرين جڳهه تي مقرر ڪيل ماڻهو.

station house (اسٽيشن هائوس) n a lock-up at a police station; a police station; a small railway station. بنديخانو. پوليس چوڪي. ننڍي ريلوي اسٽيشن.

station-keeping (اسٽيشن ڪيپنگ) n the maintenance of one's proper relative position in a moving body of ships etc.هلندڙ بحري جهاز ۾ ضروري يا مقرر عملي جو پنهنجي مقرر جڳهه تي موجودگيءَ جو سرشتو.

stationmaster (اسٽيشن ماسٽر) n the person incharge of a railway station.ريلوي اسٽيشن جو وڏو عملدار. اسٽيشن ماسٽر.

station wagon (اسٽيشن ويگن) n an estate car.وڏي ۽ کليل ڪار.

statism (اسٽيٽزم) n (the belief in) state control of economic and social affairs.سرڪاري طور شراڪتي نظام ۾ يقين رکندڙ. اجتماعي نظام ۾ اعتقاد. اشتراڪيت جو عقيدو.

statist (اسٽيٽسٽ) n a statesman; a politician; an advocate of statism; a statistician.ملڪي مدبر. سياستدان . اڪثر ڪٿڻ جو ماهر يا ڄاڻو. شراڪتي نظام جو حامي. اجتماعيت جو حامي. ماهر شماريات.

statistic (اسٽيسٽڪ) n tabulated numerical facts, relating to a state or the classification, tabulation, and study of such facts; one such fact; a statistician. انگ اکر ڳڻڻ جو علم، شماري، شمار ياتي عدد ۽ شماريات متعلق، شمارياتي ماهر.

statistical (اسٽيسٽيڪل) adj of, concerned with, or of the nature of, statistics. انگن اکرن ڳڻڻ بابت، شمارياتي، علم شماريات بابت.

statistical mechanics (اسٽيسٽيڪل مڪينڪس) n theoretical predictions of the behaviour of a macroscopic system by applying statistical laws to the behaviour of component particles. شمارياتي علم يا حسابن رستي حاصل ڪيل نتيجن کي پرکڻ جو نظام.

statistician (اسٽيسٽيشن) n a person skilled in statistics; a compiler or student of statistics. انگ اکر ڳڻڻ جو ماهر، انگ شاستري، شماريات دان، ماهر شماريات.

statistics (اسٽيسٽڪس) n the science of collecting and analysing numerical data, esp in or for large quantities, and usu inferring proportions in a whole from proportions in a representative sample; any systematic collection or presentation of such facts. انگ شاستر، انگن اکرن جو علم، علم شماريات، انگ اکر وديا يا وچا، نقشو، ڪيفيت، نقشن يا چارٽن ۾ انگن اکرن کي واضح ڪرڻ.

stative (اسٽيٽو) adj permanent, fixed; indicating a physical state or reflex action (of certain Hebrew verbs); indicating a state, as opposed to an action (linguistics). پڪو، دائمي، هڪ هنڌ بيٺل، هميشهه قائم، مقرر، حالت، حالت يا بيهڪ ڀڌائيندڙ لفظ.

stato- (اسٽيٽو) combing form: signifying – standing. بيٺل، قائم، مقرر، دائمي، پڪو.

statocyst (اسٽيٽو سسٽ) n an organ of equilibrial sense in crustaceans and other invertebrates, containing statoliths; a cell with starch grains by which a plant is supposed to be sensitive to gravity. سڪوني ڳوڙهي، ٻوٽي جو بيهڪ ڏيندڙ جزو، ڪشش ثقل کي قائم رکندڙ ٻوٽي جو جزو.

statolith (اسٽيٽولٿ) n a starch grain or other free solid body in a statocyst. نشاستي دار اناج، سڪوني پٿر.

stator (اسٽيٽر) n a stationary part within which a part rotates. بيٺل، ساڪن، لڳل، ويٺل، ڦرندڙ مشين جو هڪ هنڌ بيٺل يا اڻ چرندڙ پرزو.

statoscope (اسٽيٽوسڪوپ) n a sensitive barometer for detecting minute differences. هوا جو داب جاچ ڪندڙ اوزار، سڪون بين، ڏاڪٽريءَ جو اوزار جنهن رستي ساهه جي چرپر جو اندازو لڳايو ويندو آهي.

statuary (اسٽيچوئري) adj, n of, relating to, or suitable for sculpture; sculptured; statuesque; sculpture; statues. سنگ تراش، بت تراشيءَ جي هنر بابت، نقاشيءَ جو هنر، سنگ تراشي، بت تراشي، بت يا مجسما ناهڻ بابت، مجسما ناهڻ جو عمل، مجسما، بت.

statue (اسٽيچو) n a representation of a human or animal form in the round. مورت، بت، مورتي، مجسمو، پتلو، صنم، پر آتما، اڳردت، بوتو.

statuesque (اسٽيچسڪ) adj like a statue; (of a person esp a woman) tall and well-proportioned in figure, or dignified and imposing in appearance. مورتيءَ وانگر، بت وانگر، پتلي جهڙو، شاندار، ڳهڙيل، گهاڙيتي جو، تمام سهڻو نظر ايندڙ ماڻهو، وڏي قد ۽ سهڻي ڊول وارو ماڻهو.

statuette (اسٽيچوٽ) n a small statue, figurine. ننڍو بت يا مورت، پتلي، پتلو، مورتي.

stature (اسٽيچوئر آر اسٽيٽوئر) n body height; eminence, social standing or advancement; mental or moral calibre. ڊيل، قد، هائي، قدبت، اوچ، قد وقامت، بدني بيهڪ، جسماني ساخت.

status (اسٽيٽس) n a state of affairs; condition; standing; position, rank, importance, in society or in any group; high rank or standing; a person's legal position or classification with regard to marriage, citizenship. حيثيت، درجو، عهدو، حالت، رتبو، صورت، پد، مرتبو، رتبو، مان، لاڳاپو، ناتو، تعلق، حال، معاملات، پدوي، شاديءَ يا شهريت حاصل ڪرڻ لاءِ قانوني، اخلاقي يا مذهبي حالت.

status quo (اسٽيٽس ڪو) n the existing condition, unchanged situation; the condition or situation existing before a particular change. اصلوڪي يا موجود حالت، جنهن حالت ۾ اصل هجي، ساڳي حالت، جيئن جو تيئن، سابق حالت مطابق بيهڪ قائم رکڻ.

status symbol (اسٽيٽس سمبل) n a possession or a privilege considered to mark a person out as having a high position in his social group. اتاهون درجي جو مان، درجو، اتاهين درجي سان لاڳاپيل، معتبري، بزرگي، حيثيت وانگر.

statutable (اسٽيٽوٽبل) adj prescribed, permitted, recognized by or according to statute. منظور، تجويز ڪيل، مڃيل، قانوني.

statute (اسٽيٽوٽ) n a law expressly enacted by the legislature (as distinguished from a customary or common law); a written law; the act of a corporation or its founder, intended as a permanent rule or law; a bond or other proceeding based on a statute; a hiring-fair. قانون، قاعدو، لکيل قانون، نيم، آئين، قانون جيڪو مقننه يا پارليامان منظور ڪيو هجي يا اقتدار اعليٰ پنهنجي اختيارن هيٺ نافذ ڪيو هجي، ڪرايو، پاڙو.

statute-barred (اسٽيٽوٽ بارڊ) adj disallowed by the

statute of limitations. قانوني منع ڪيل، غير قانوني عمل.

statute book (اسٽيٽيوٽ بڪ) **n** a record of statutes or enacted laws. قانون جو ڪتاب، رائج قانون جو ڪتاب.

statute labour (اسٽيٽيوٽ ليبر) **n** compulsory labour on roads etc. لازمي ڪم، لازمي محنت، بيگر، مزدوري.

statute law (اسٽيٽيوٽ لا) **n** law in the form of statutes. ڪتابي صورت ۾ قانون، لکت جي صورت ۾ قانون يا قاعدو.

statutory (اسٽيٽيوٽري) **adj** of or relating to statute; prescribed, enacted or recognized by statute; depending on a statute for its authority; so common or frequent as to seem the rule (as though proscribed by statute).. قانوني، آئيني، قانون يا قاعدي سان ٺهرايل. عام طور رائج اهڙي شيءِ يا عمل جنهن کي قانوني ڪري سمجهيو وڃي، عام رواج پذير عمل.

statutory rape (اسٽيٽيوٽري ريپ) **n** the criminal offence of having sexual intercourse with a girl who is below the age of consent. ننڍي ڇوڪريءَ سان زنا ڪرڻ جو ڏوهه، نابالغ عورت سان زنا جو ڏوهه.

staunch or stanch (اسٽانش) **adj** firm in principle, pursuit, or support; trusty, hearty, constant, loyal, zealous; stout and firm; watertight; seaworthy.. پڪو، پختو، ڀروسي وارو، سچو، وفادار، مخلص، سرگرم، پرجوش، پڪو، همدرد، هڏ ڏوکي، اعتبار جوڳو، همٿ ڀريو، پاڻيءَ روڪ، پاڻي داخل ٿيڻ کان جهليل، ساٿ ڏيندڙ، مضبوط، جوشيلو، جذباتي،سامونڊي مسافريءَ لائق (جهاز).

staurolite (اسٽارو لائٽ) **n** a silicate of aluminium with ferrous oxide, magnesia, and water, sometimes occurring as twinned cruciform crystals. جست جو ٽاتو، سنگ صليبي.

stauroscope (اسٽارو اسڪوپ) **n** an optical instrument for studying the structure of mineral crystals under polarized light. سنگ بين، بلوربين.

stave (اسٽيو) **n , vt & vi** one of the strips of wood of which a barrel or tub is made; a staff, rod, bar, shaft, esp wooden, as the rung of a ladder; a staff; a stanza, verse of a song; to break a stave or the staves (of a boat or barrel); to break; to burst inward; to drive off, as with a staff; to delay, ward off or keep back; to put together, repair or fit with staves; to sprain, jar violently; to thrust onward; to break up. ٽنگ ڪرڻ،ڏاڪڻ جو ڏاڪو، بيت، ڏنگو ڪرڻ، ڀڃ ڀڃ وجهڻ، ڀڃڻ، ٻيڙيءَ جا رسا لوڙڻ، اندر طرف ڦاٽڻ يا ٽٽڻ، لٺ يا سيخ رستي هليو وڃڻ، دير ڪرڻ، ترسائڻ، ڦيهي ڇڏڻ، ڦوڙڻ، ڪٺ ڪرڻ، روڪڻ، جهلڻ، منع ڪرڻ، پري ڪرڻ، ڪٺڻ، جوڙڻ، مرمت ڪرڻ، ڪولائيءَ تي پٽي، ٽنگ ڀڃ وجهڻ، (ڏاڪا) وجهڻ، ٽارڻ، گهيڙڻ، گهيڙائڻ، اڳتي وڌي اچڻ، ڇوهه مان اچڻ، زور سان لوڏڻ.

stavesacre (اسٽيوس اڪر) **n** a tall larkspur whose seeds were formerly used against lice. وڻ جنهن جو ٻج جوئن مارڻ جي ڪتب ايندو آهي.جهنگلي ڪشمش جو ٻوٽو.

stay[1] (اسٽي) **vi, vt & n** to remain, continue to be, in a place, position or condition; to reside temporarily; to live, dwell; to wait in order to participate in or be present at; to pause, wait, try; to be kept waiting; to wait, attend as a servant; to stop, cease, desist; to stand firm; to hold out, last, endure; to maintain one's place over a long distance; to keep pace or keep with; reside, remain for a specific period; to hold, restrain, check the action of; to delay or hinder; to stop, suspend, discontinue or postpone (judgement, proceedings); to hold in abeyance; to endure or remain to the end; to satisfy, appease or allay; to quell, suppress; to stop for, be stopped by; to detain; to await; (a period of) staying, temporary residence; a visit; a sojourn; a suspension or postponement of legal proceedings; a check or restraint; the act of stopping or being stopped; staying power, endurance; an obstacle; a permanent state.. رهڻ، ترسڻ، لڪڻ، بيهڻ، در پٽڻ، ٽمڻ، روڪڻ، سهڙڻ، سهڻ، جهلڻ، مهمل ڪرڻ، جهلي بيهڻ، انتظار ڪرڻ، ملتوي ڪرڻ، (ڪاروائي) روڪڻ، (مانيءَ لاءِ) سٽ جهلي وڃڻ، بندش، روڪ، منع، جهل، ٺهرڻ، رهڻي، ليڪ، آسرو، آڌار، التوا، موقوفي، مهملي، سهڻ شڪتي، برداشت، سهپ، ڌيرج، بيهه، ترس، پيٽ جهلو، مقرر يا پڪي حالت، رهڻي، رهڻ، ڪجهه وقت ترسڻ، مهمان ٿيڻ، ڪنهن خاص موقعي يا مناسبت مطابق ترسڻ، رهائش، اختيار ڪرڻ، ساهي پٽڻ، ڪوشش ڪرڻ، ترسائڻ، حاضريءَ ۾ رهڻ، ڪم جي جاءِ تي موجود هجڻ، ٻيهي رهڻ، پڪيءَ طرح بيهڻ، قائم ٿيڻ، مستحڪم ٿيڻ، منهن ڏيڻ، رهائش اختيار ڪرڻ، مقرر وقت تائين ترسڻ، رفتار مطابق هلڻ، ساٿ ڏيڻ، ساٿ نڀائڻ، روڪ ڪرڻ، بند هڻڻ، رفتار گهٽائڻ، ملتوي ڪرڻ، مهمل ڪرڻ، آخرتائين بيهڻ.

stay[2] (اسٽي) **n ,vt** a prop or support; one of a number of strips of bone or metal sewn into a corset to stiffen it; a corset thus stiffened; to prop or support; to sustain, comfort, strengthen; to cause to rely or depend. ليڪ، سهڻ، جهل لاءِ ڪنهن ۾ سادي کي لڳل هڏي يا لوهه جون پٽيون، جهلون، برداشت ڪرڻ، فرحت ڏيڻ، مضبوط ڪرڻ، اعتبار ڪرڻ، آسرو رکڻ.

stay[3] (اسٽي) **n , vt & vi** a rope bracing a mast, a guy; a brace generally; to brace or support a mast, using stays; to bring the head of a sailing vessel up to the wind in order to tack or go about; (of a mast) to incline forward. سڙهه ٻڌڻ وارو رسو، مستول ۽ سڙهن جا رسا، مستول کي ويڙهڻ يا جهلڻ، جهاز کي هوا جي رخ تي آڻڻ، مستول جو هڪ پاسي تي بيهڻ، پاسيرو ٿيڻ.

stay-at-home (اسٽي اٽ هوم) **adj, n.** keeping much at home; tending or preferring to stay at home, in

one's own area or country; untravelled, unadventurous; a stay-at-home person..گهر ۾ رهڻ، گهريتڙي. گهر، ملڪ يا شهر نه ڇڏيندڙ.

stay-away (اسٽي اوي) **n** a strike; a person participating in a strike.هڙتال، بکيڙو، ڪم بند ڪرڻ لاءِ ساٿ، ڪم ڪار جي جاءِ کان احتجاج طور پري رهڻ، ڪنهن ماڻهوءَ جو هڙتال يا هٽ تاڙ ۾ حصو وٺڻ، هڙتالي، هٽ تاڙي.

stay-bar (اسٽي بار) **n** a support used in building or in machinery.جاءِ يا مشين کي ڏنل ٽيڪ، ڪنهن جاءِ يا مشين کي ٽيڪ ڏيڻ.

stay bolt (اسٽي بولٽ) **n** a bolt or rod binding together opposite plates.اهڙو پيچ يا سيخ جنهن سان ٻن مختلف چادرن کي ڳنڍي سگهجي.

staying power (اسٽيئنگ پاور) **adj** the ability to continue or sustain effort, esp over a long period, without flagging..گهڻي وقت يا ڏکيي عرصي تائين هلائڻ واري قوت. قوت برداشت.

stay lace (اسٽي ليس) **n** a lace for fastening a corset. چولي يا ڪچ ٻڌڻ واري پٽي.

stayless (اسٽي ليس) **adj** without stays; unsupported.بغير جهل جي، بغير ٽيڪ جي، بنا سڙهه جي رسن جي، بغير رسن جي مستول، بنا ڏورين ۽ پٽين جي.

stay on (اسٽي آن) **vt.** to remain, tarry after the normal or expected time for departing..ترسڻ، دير ڪرڻ، رهڻ. ڪجهه عرصي لاءِ بيهڻ، سستي ڪرڻ.

stay-on tab (اسٽي آن ٽيب) **n** a ring-pull that does not pull entirely off, bent bends into the can.لوهي دٻي کي لڳل پٽي جيڪا کولڻ وقت اندر هلي ويندي آهي.

stay out (اسٽي آؤٽ) **vt.** to remain away from home; to remain throughout or beyond the end of.گهر کان پري رهڻ، دور هجڻ، ضروري يا مقرر وقت يا مدي کان پوءِ به موجود هجڻ، وقت ختم ٿيڻ کانپوءِ به موجود هجڻ.

stay over (اسٽي اور) **vt.** to remain overnight, stay the night..پوري رات ترسڻ، رات گذارڻ، رات جو ترسڻ، راتاهو ڪرڻ، منزل ڪرڻ.

stay put (اسٽي پٽ) **n** not to move from the place or position in which one has been put.مقرر ڪيل جاءِ تان نه وڃڻ، مقرر ڪيل حد کان ٻاهر نه وڃڻ، مقرر جاءِ تي موجود رهڻ، حاضر رهڻ.

staysail (اسٽي سيل) **n** a triangular, auxiliary fore-and-aft sail spread or set on a stay..ٽنڊو مددي ٽڪنڊو سڙهه، مستول سان ٻڌل ٽنڊو سڙهه.

stay-up (اسٽي اپ) **adj.** (of stockings) having elasticated tops and not needing suspenders to stay up; such a stocking.مٿان چنبڙي بيهڻ وارا جوراب، ربڙ جي ڏور پيل ڪناريءَ وارا جوراب، بنا ڪيترن جي چنبڙندڙ جوراب.

stead (اسٽيڊ) **n, vt, vi** the place, function, role or position of another; service, avail, advantage; to be advantageous to someone; a space of time; circumstances, case, condition; to avail, help, serve; to fulfil in substitution..جاءِ، جڳهه، ڪنهن ٻئي جي جاءِ، عمل، ڪردار، حالت، سهوليت، ٻئي ڪنهن لاءِ فائدو، فائدي وارو ڪم، حالتون، وقت، ڪنهن ٻئي جي فائدي لاءِ ڪم يا عمل ڪرڻ، وقت يا مدو، عرصو، ڏسا، حال، ٻئي جي ٻاران ڪم ڪرڻ، جاءِ پرڻ.

steadfast (اسٽيڊ فاسٽ) **n** firm; constant; resolute; steady..مستقل، لڳاتار، پختو، مضبوط، ثابت قدم، مڃلو، محڪم، پڪو، قائم، پائدار.

Steadicam ® (اسٽيڊيڪام) **n** a device for steadying a hand-held camera, consisting of a shoulder and waist harness with a shock-absorbing arm attached, to which the camera is fitted.هٿ واري ڪئميرا کي جسم سان ٻڌڻ وارو پٽو.

steading (اسٽيڊنگ) **n** the range of building surrounding a farmhouse, a farmstead.زرعي زمين يا فارم تي ڪجهه عمارتن جو مجموعو، گهر سميت فارم، گهر سميت ٻني، واڙي، زراعت خانو، گهر سميت يا ان کان علاوه فارم جون عمارتون.

steady (اسٽيڊي) **adj** standing firm; fixed; stable; constant; resolute; consistent; regular; uniform; sober, industrious; (of a hound) seldom diverted from the trail; (of a horse or hound) seldom distracted, upset or diverted by another animal or noise; to make steady; to support; to make or keep firm; a rest or support, as for the hand, tool or a piece of work; a regular boyfriend or girlfriend; be careful; keep calm; hold the present course..لڳاتار، مضبوط، پائيدار، هميشه رهڻ وارو، حاضر، هڪ جهڙو، سنجل، معتبر، پڪو، پختو، مستقل، هموار، سهارو، محڪم، اچل، ڏاڍو، هڪ مٿيو، آٽل، ٽرٽانو وارو، تحمل وارو، ساندهه ٽڪيل، هڪ سر، مستقل مزاج.

steady-going (اسٽيڊي گوئنگ) **adj** having or showing steady habits or action.پائداريءَ سان هلڻ وارو، لڳاتار رهڻ وارو، معتدل مزاج، هڪ منو، ايڪ منو، بردبار، تحمل وارو.

steady state (اسٽيڊي اسٽيٽ) **n** a state or condition of dynamic equilibrium with entropy at its maximum; any oscillation system that continues unchanged indefinitely.هميشه رهڻ وارو، هميشه هڪ حالت ۾ موجود، اهڙو لوڏي يا پينگهي جو سرشتو جيڪو پاڻ مرادو اصل حالت ۾ موجود هجي.

steady-state theory (اسٽيڊي اسٽيٽ ٿيوري) **n** in cosmology, a theory that asserts the universe is in a steady state, being infinitely old and containing the same density of matter at all points and all times, with new matter being created to compensate for the

space left by the observed expansion of the universe.هڪ اهڙو نظريو جنهن ۾ ڪائنات کي هميشه رهڻ واري حالت قرار ڏنل هجي. قدرتي نظام جنهن تحت ڪائنات هميشه برابريءَ واري صورت ۾ رهي ٿي.

steak (اسٽيڪ) n any of several cuts of beef graded for frying, braising, stewing; a slice of meat or fish.بوٽي. گوشت جو ٽڪرو. مڇيءَ جو ٽڪرو. ٽڪو. ٽڪرو. ڳاٽي. گوشت جي بوٽي يا ٽڪر. سِنُ.

steakhouse (اسٽيڪ هائوس) n a restaurant specializing in fried or grilled beefsteaks.تريل يا سيڪيل پڪل گوشت واري هوٽل. پڪل يا سيڪيل گوشت فراهم ڪندڙ هوٽل.

steakknife (اسٽيڪ نائيف) a knife with a serrated blade for eating steak.گوشت ڪائڻ لاءِ استعمال ۾ ايندڙ چاقو. تيز يا ڏندائين ڌر وارو چاقو.

steak tartare (اسٽيڪ ٽارٽيئر) n minced beef steak serve raw mixed with onions, raw egg and seasoning.وڏي گوشت جو ڪباب جنهن ۾ بصر ۽ آنا پيل هجن. ڪچي گوشت جو بيضا ۽ بصر پيل ڪباب.ڪچي قيمي جو ڪباب.

steal[1] (اسٽيل) vt, vi. to take by theft, esp secretly; to take, gain or win, by beguiling talk, by contrivance, unexpectedly, insidiously, gradually or furtively; to snatch; to hole by a delicate stroke; the oppose of gobble (golf); to gain a base without the help of a hit or error; to put surreptitiously, smuggle; to practise theft; to take feloniously; to pass quietly, unobtrusively, gradually or surreptitiously; an act of stealing, a theft; something acquired by theft; a bargain, a snip; the stealing of a base (baseball).چوري ڪرڻ. چورائڻ. ڌوهه يا دوکيبازيءَ سان ڪٺي يا حاصل ڪرڻ. کسڻ. دوکو ڏيڻ. ڦرڻ. تڳلائڻ. ڦبائڻ. انڪل بازيءَ سان ڪڍي وڃڻ. آهستي آهستي کسڪائڻ. هلڪي ڌڪ سان سوراخ ڪرڻ. گولف راند ۾ آسانيءَ سان ميدان مارڻ. اسمگل ڪرڻ. بدمعاشيءَ سان حاصل ڪرڻ. چوريءَ جو عمل. لڪي ڇپي وڃڻ. متائڻ.بدلائڻ. بيس بال راند ۾ انڪل کان ڪم وٺڻ.

steal[2], **steale, steel, stele** or **steil** (اسٽيل) n. a handle, shank, shaft. هٿيو. ڳن. پني (ڄنگهه جي). ڳني. ڳري. ڏانڊي. ٿنيو. سرائي (ڳاڏيءَ جي). پول. ڏري.

stealth (اسٽيلٿ) n, adj, vt & vi. a theft; a thing stolen; secret or unobtrusive going or passage; secret procedure or manner; furtiveness; of, using, or associated with technological means of avoiding detection, such as (in aircraft) reducing noise, infrared emissions, radar reflections and (in personnel) wearing clothing that reduces the risk of observation by infra-red night-sights; to approach an enemy without being detected, as certain martial arts experts are trained to do.چوري. رازداري. لڪ ڇپ. چوري ٿيل شيءِ. لڪل يا ڍڪيل رستو. ڳجهي طرح آئيندڙ. ڳجهو نمونو. ڳجهو طريقو. خفيه ڪاروائي. لڪل پوشاڪ (جيئن نقصانڪار شعائن کان بچائي). ڳجهي طرح سان دشمن تي وار ڪرڻ. لڪي وار ڪرڻ. لڪ ڇپ ۾. ڇپي. چوريءَ.

stealthing (اسٽيلٿنگ) n. the act or process of approaching, an enemy, without being detected.ڳجهيءَ طرح سان دشمن ڏانهن وڌڻ (جيئن ڪوئي ڏسي يا سڃاڻي نه سگهي). لڪي ڇپي دشمن جي مٿان پوڻ. اوچتو حملو ڪرڻ. راتاهو هڻڻ.

steam (اسٽيم) n vt, vi water in the form of a gas or vapour, or of a mist or film of liquid drops; a steamed dish; steam power; a spell of travel by steam power; energy, force, spirit; of, for, using or worked by steam; outdated, old-fashioned, not using the latest technology; to rise or pass off in steam or vapour; to emit or generate steam, vapour, or smell; to move by means of steam power; to move fast; to expose to steam, apply steam to; to cook by means of steam; to exhale (smoke from a pipe..باڦ. آب. بخار. گرم هوا. ٻاڦڻ. سيڪڻ. باڦ رستي پچائڻ. باڦ تي پچايل کاڌو باڦ جي قوت. باڦ ڪائڻ. بخار ڏيڻ. پاڻيءَ جي ڦڙن ۽ هوا جو مليل ڦوهارو يا ٻاڦ. باڦ سان صاف ٿيل تانءُ. باڦ واري طاقت. باڦ جي طاقت سان ڪنهن بشي کي هلائڻ. باڦ واري قوت رستي ڪيل مسافري. پراڻو طريقو. باڦ جو مٿي وڃڻ. باڦ جو نڪرڻ. ڦڙا. تڪڙو وڃڻ. باڦ وانگر ظاهر ٿيڻ يا نظر اچڻ. باڦ ڇڏڻ. بخار تي وڃڻ.

steam age (اسٽيم ايج) n. the era when trains were drawn by steam locomotives.باڦ تي شين جي استعمال ڪرڻ وارو زمانو. باڦ تي ريل گاڏيءَ جي هلائڻ وارو دور. باڦ تي گاڏين جي هلڻ وارو دور.

steam bath (اسٽيم باٿ) n a steam-filled compartment, eg one at a Turkish bath, in which to refresh oneself by sweating, or one in a laboratory for sterilizing equipment.باڦ سان وهنجڻ. واس وٺڻ. باڦ غسل. باڦ ڀريل ڪمرو جنهن ۾ تازگي وٺجي يا پگهر آڻائجي. ڊاڪٽري اوزارن کي باڦ رستي صاف ڪرڻ جو طريقو.

steamboat, steamship, steam vessel (اسٽيم بوٽ. شپ. آر ويسل) n a vessel driven by steam.باڦ تي هلڻ وارو. ٻيڙو. جهاز. لانچ. آگبوٽ يا موٽر بوٽ. باڦ ٻيڙي. باڦ ڪشتي. دخاني جهاز.

steam boiler (اسٽيم بوائلر) n a boiler for generating steam.باڦ ناهڻ واري مشين. پاڻيءَ کي گهڻي گرمي پد تي گرم ڪرڻ وارو اوزار.

steam chest (اسٽيم چيسٽ) n a chamber above a steam boiler serving as a reservoir for steam and in which the slide valve works.باڦ ناهڻ واري مشين مٿان نهيل جاءِ يا بيهڪ جتي باڦ کي استعمال ڪرڻ لاءِ گڏ ڪجي. باڦ ذخيري جاءِ.

steam engine (اسٽيم انجڻ) **n.** any engine worked by steam.ٻاڦ واري ڪاٻه انجڻ (مشين) جيڪا ٻاڦ تي هلي سگهي، ٻاڦ واري انجڻ، ٻاڦ واري هلندڙ ڪل يا انجڻ.

steam duck (اسٽيم ڊڪ) **n.** a large duck of S America whose swimming action is suggestive of the motion of a steamer with a paddle wheel on each side.ڏکڻ آمريڪا جي وڏي بدڪ جنهن جي ترڻ واري عمل جي مشابهت ٻاڦ واري مشين سان ڏني وڃي ٿي.

steamer (اسٽيمر) **n** a steamship; a cooking apparatus for steaming food; one of a gang of muggers that attack by the method of steaming; stewed kangaroo flavoured with pork.ٻاڦ وارو جهاز، ٻاڦ تي پچائڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ ٿانءُ، آگبوٽ، دخاني جهاز، ٻاڦ ڏئي ڦريندڙن جي ٽولي جو ساٿاري، ڪينگروءَ جي گوشت جي سوئر جي چربيءَ ۾ رڌل ٻوڙ يا ڀاڄي.

steam-hammer (اسٽيم هئمر) **n** a vertical hammer worked by steam.اڀو يا عمودي هٿوڙو جيڪو ٻاڦ وسيلي ڪم ڪري، ٻاڦ وارو مارتول.

steam haul (اسٽيم هال) **vt** to draw (a conveyance for goods or passengers) along rails by means of chains, attached to a stationary steam engine.(خوراڪ يا ڪنهن ٻئي) سامان کي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ موڪلڻ لاءِ ٻاڦ تي هلڻ واري گاڏي،جنهن جي مدد سان وزني سامان ڪڍڻ جو طريقو يا عمل.

steam-heat (اسٽيم هيٽ) **n** heat produced by steam, esp by a central heating system that uses steam; heat using steam.ٻاڦ وسيلي پيدا ڪيل گرمي، (خاص ڪري) پوري يا سڄي جڳهه کي گرمي پهچائڻ وارو نظام.

steaming (اسٽيمنگ) **n** the action or process of emitting, moving by, applying or cooking by steam; a form of mugging by gangs, eg on the London Underground, who rush en masse through crowds, snatching whatever they can; in an advanced state of drunkenness.ٻاڦ کي ڇڏڻ، ڪڍڻ، استعمال ڪرڻ، پچائڻ وارو نظام يا عمل، ٻاڦڻ، بخارڻ، گرم هوا ڏيڻ، گرم ڪاري، گهڻو پيئڻ ڪري تمام گهڻي نشي واري حالت پراچڻ، نشي ڪري مدهوش ٿيڻ.

steaming lights (اسٽيمنگ لائيٽس) **n** compulsory white navigation lights carried on the masts of all vessels at sea, indicating their presence and course at night.سامونڊي جهازن ۾ رات جو استعمال ٿيندڙ ٻاڦ ذريعي روشنيءَ جو نظام جنهن سان پري کان ان جي موجود هجڻ جو يقين ٿيندو آهي، جهازن جو ٻاڦ رستي تيز روشنيءَ جو نظام.

steam iron (اسٽيم آئرن) **n** an electric iron having a compartment in which water is heated to provide steam to dampen fabrics for easier ironing.بجليءَ تي هلندڙ استري (جنهن ۾ پاڻيءَ رکڻ واري جاءِ موجود هجي ۽ اهو ٻاڦ جي صورت ۾ ڪپڙن کي آلو ڪرڻ ۾ ڪم اچي).

steam jacket (اسٽيم جئڪيٽ) **n** a hollow casing formed around a steam engine cylinder and supplied with steam to prevent condensation of the steam in the main cylinder.ٻاڦ ڇاهڻ واري مشين جي چوڌاري ٺهيل خالي حصو (جيڪو مکيه سلينڊر کي ٻاڦ جي ساڙ يا ڪٽ کان بچائي سگهي) ٻاڦ پوش، ٻاڦ ڪل.

steam locomotive (اسٽيم لوڪوموٽو) **n** a self-propelled steam engine and boiler mounted on a wheeled frame, such as a railway engine.ٻاڦ وسيلي حرڪت ڪندڙ انجڻ، ٻاڦ وسيلي چرندڙ انجڻ، پاڻمرادو چڪڻ واري ٻاڦ واري مشين ، ٻاڦ ڇاهڻ واري مشين جيڪا ڦيٿن سان ٻڌل هجي (جهڙوڪ ريل گاڏيءَ واري انجڻ).

steam port (اسٽيم پورٽ) **n** an opening from the valve-face to the cylinder of a steam engine for the passage of steam.وال کان سلينڊر طرف سوراخ جيڪو ٻاڦ کي نڪرڻ لاءِ رستو ڏئي سگهي، واڄو ٻاڦ جو اخراجي سوراخ.

steam power (اسٽيم پاور) **n** the force or agency of steam when applied to machinery.ڪنهن مشين تي ٻاڦ جي استعمال واري طاقت ڏيڻ، ٻاڦ قوت، ٻاڦ ٻل.

steam-roller (اسٽيم رولر) **n** a steam engine with heavy rollers for wheels, used in road-mending; any weight crushing force; to crush (objections); to force (eg legislation through parliament).ڦيٿن ڪي گهمائڻ لاءِ وڏن ڍرمن واري ٻاڦ تي هلندڙ مشين، رولر، روڊ ڇاهڻ لاءِ ڪم ايندڙ وڏو رولر، (ٻاڦ تي هلندڙ) رستو ڇاهيندڙ مشين .

steam tight (اسٽيم ٽائيٽ) **adj** impervious to steam.ٻاڦ بند ٿيل، مضبوطيءَ سان بند ٿيل (ته ٻاڦ ٻاهر نڪري نه سگهي)، ٻاڦ بند، ٻاڦ روڪ.

steam trap (اسٽيم ٽريپ) **n** a contrivance for allowing the passage of water but not of steam.اهڙو سوراخ يا خال جتان پاڻي لنگهي سگهي پر ٻاڦ ٻاهر نه نڪري سگهي.

steam turbine (اسٽيم ٽربائين) **n** an engine in which expanding steam acts on blades attached to a drum.ٻاڦ تي هلندڙ مشين، ٻاڦ جي مدد سان پرن کي هلائيندڙ مشين، ٻاڦ ڦرڻي، ٻاڦ چرخي.

steamy (اسٽيمي) **adj** of, like, full of, covered with, as if covered with, or emitting, steam or vapour; erotic, sexy, lubricious.ٻاڦ وارو، ٻاڦ سان، ٻاڦ وانگر، ٻاڦ ڪيڏندڙ، شينهن لڳل، ماڪ پيل، موهيندڙ، ترڪندڙ، چلڪندڙ، ٻاڦ دار، ڏنڊلو، بخاراتي، شهوت انگيز، شهوت اڀاريندڙ، سٽپ وارو، ترڪشو.

stean, steane or **steen** (اسٽين آر اسٽئين) **n** a stone or earthenware container with two handles.پٿر يا مٽيءَ مان ٺهيل ٿالو جن کي ٻه هٿيا پيل هجن، ٻه هٿي صراحي، گهگهي يا جگ وغيره.

stear-, steato-, steat- (اسٽيئر، سٽيٽو، سٽيٽ) combining form : denoting – suet, fat, fatty tissue.ٿولهه يا سٿپ سان لاڳاپيل لفظي پچاڙي جيئن چربي، سٿپ، وهه، سٿپ ڪندڙ بدلي ريشا.

stearate (اسٽيئريٽ) n a salt of stearic acid.اسٽيئرڪ تيزاب وارو لوڻ، چربي نمڪيات، چربي لوڻ.

stearic (اسٽيئرڪ) adj of stearine derived from animal and vegetable fats.جانورن ۽ ٻاجين جي چربيءَ وارو تيزاب يا لوڻ، حياتياتي چربي، حيواني يا نباتاتي چربي يا تيزابي مادي متعلق.

stearic acid (اسٽيئرڪ ايسڊ) n. a solid fatty acid derived from animal and vegetable fatsڳري چربيءَ وارو تيزاب جيڪو جانورن ۽ ٻاجين جي چربيءَ مان ورتل هجي، ٻاجين جي چربيءَ وارو تيزاب.

stearin (اسٽيئرن) n glyceryl ester of stearic acid; a mixture of stearic and palmitic acids; the solid part of a fatجانورن ۽ ٻاجين جي چربيءَ وارو عرق، ان سان گڏ ڪجهه تيزاب يا تاڙ تيزاب جو مرڪب، چربيءَ جو سخت حصو، حياتياتي چربي، حيواني يا نباتاتي چربي.

stearine (اسٽيئرائين) n made of stearin.جانورن، ٻاجين جي چربيءَ وارو عرق ۽ ان سان گڏ ڪجهي وار، تيزاب سان گڏجي ٺهيل مادو، حيواني يا نباتاتي چربيءَ مان ٺاهيل مادو.

steatite (اسٽياٽائٽ) n soapstone. سنگ صابڻ، صابڻ پٿر.

steatocele (اسٽيٽوسيل) n. a fatty tumour in the scrotum..آنورن جي ڪل يا بيضي ٿيلهي نما چربيءَ جو ڳوڙهو، چربي چڻ، (خصين جي) ٿيلهيءَ جي چربي چڻ، خصئي چربي چڻ.

steatoma (اسٽيٽوما) n a tumour of a sebaceous gland or sebaceous cyst.چربي دار ڳوڙهو يا چربي دار ڦرڙي، روغني ڳوڙهو، چربيدار ڳوڙهي.

steatopygia (اسٽيٽو پئيجيا) n the accumulation of fat in the buttocks.چتڙن تي چربي چڙهڻ، چتڙن ۾ چربيءَ جو جمع ٿيڻ.

steatopygous (اسٽيٽوپئيگس) adj fat-buttocked.چتڙن تي چربي لڳل، چربيدار چتڙن وارو، ٿلهن چتڙن وارو، ڳوري ڏڙ وارو.

steatorrhoea or **steatorrhea** (اسٽيٽور هائيا) n accumulation of abnormal levels of fat in the faeces.پائخاني يا چيٽي ۾ غير معمولي چربيءَ جي تهه جي موجودگي.

steatosis (اسٽيٽو سز) n fatty degeneration; the accumulation of fat in hepatocytes, occurring, eg in pregnancy, alcoholism and as a side effect of some drugs.چربيءَ سان بگاڙيل، جگر ۾ چربيءَ جو گڏ ٿيڻ يا ٻنجڻ (جهڙوڪ ٻار واري عورت ۾ يا شراب پيئندڙ ماڻهوءَ ۾ يا ڪنهن دوا جي رد عمل سان)، چربي سازي، چربيءَ جي ڪٺائي.

steed (اسٽيڊ) n a horse, esp a spirited horse.گهوڙو، خاص ڪري تيز رفتار گهوڙو، بُراق، سامونڊي گهوڙو، جنگي گهوڙو، تکو گهوڙو.

steek (اسٽيڪ) n, vt a stitch; to stitch; to pierce; to fasten; to shut..ٽوپو، ٽانڪو، سبڻ، بند ڪرڻ، ڳنڍڻ، ملائڻ، چنبڙائڻ، سوراخ ڪرڻ، لنبڻ، ٻڌڻ، ڪشڻ، سوگهو ڪرڻ، (ڏوه) مڙهڻ، پورڻ، وارڻ، پائڻ.

steel (اسٽيل) n, vt, vi iron containing a little carbon, with or without additional ingredients; a weapon of steel, a sword; a rough-surfaced steel implement for sharpening knives; a piece of steel, for stiffening a corset; a steel engraving; extreme hardness, staying power; trustworthiness; bonds and shares of steel companies of or like steel; to cover, point or edge with steel; to harden; to nerve; to make obdurate.فولاد، رَڪ، ڪاربان شامل ٿيل لوهه، رڪ جو هٿيار، تلوار، فولاد جو ٽڪرو، سخت لوهه، طاقتور لوهه، اعتبار جوڳو لوهه، فولاد تيار ڪندڙ اداري جا بانڊ يا حصا، پوڇ، چوٽي يا پاسو، فولاد سان سخت ڪرڻ، چاقو تکو ڪرڻ وارو فولادي اوزار، مضبوط ڪرڻ، (دل) ڏاڍي ڪرڻ، اعصاب سخت ڪرڻ.

steel band (اسٽيل بئنڊ) n a West Indian band, using steel drums,.اولهه هندستان جا علائقا (جنهن ۾ پاڪستان ۽ شامل آهي) وارو لوهي بينڊ يا باجو (جنهن ۾ فولادي دهل استعمال ٿيل هجي)، الهندي ملڪن يا مغربي ٻيٽن وارن ملڪن جي فولادي بينڊ.

steelblow (اسٽيل بلو) n stock and goods received from a landlord with obligation to return a like amount and value when the lease expires; a contract or tenure on these terms.ڪنهن زميندار يا سرمائيدار کان ورتل شيون ۽ سامان جن جي موٽ ۾ ان جي مُلهه جيتري رقم مقاطعو، ختم ٿيڻ وقت ادا ڪرڻ ضروري هجي، مقاطعي جا شرط شروط جيڪي مٿين شين سان لاڳاپيل هُجن.

steel-blue (اسٽيل بلو) n grey-blue like a reflection from steel.سرمائي، فيروزي يا سرمائي نيرو رنگ جيڪو فولاد جي تجلي مان نڪرندو آهي.

steel-clad (اسٽيل ڪليڊ) adj clad in armour..زرهه پهريل، زرهه بند، لاهر بند، زرهه ڍڪيل.

steel-collar (اسٽيل ڪالر) n a term applied to a robot, used in manufacturing industry, esp in the automation of assembly-lines, to carry out tasks formerly done by a worker or workers.روبوٽ يا مشيني ماڻهوءَ سان واسطيدار فقرو، (جيڪو ڪارخانن ۾ استعمال ٿيندو آهي)، خاص ڪري خود ڪار پرزن ـــ ـاهڻ جي جاءِ تي، اهي ڪم سرانجام ڏيندڙ مشين جيڪي اڳ ڪوماڻهو ڪندڙ هو.

steel drum (اسٽيل ڊرم) n a percussion instrument usu made from the top of an oil drum, hammered out into a bowl-like shape and faceted so as to pro-

duce different notes. لوهه جي دبي مان نهيل دهل، موسيقيءَ جو لوهي اوزار.

steel engraving (اسٽيل اينگريونگ) **n** the act or process of engraving on steel plates; an impression or print resulting from this. فولاد جي چادر مٿان نقش بندي ڪرڻ وارو عمل، نقشبندي ڪرڻ سان ڪو به نشان يا صورت ڏيڻ، اڪر ڪرڻ.

steel-head (اسٽيل هيڊ) **n** a large rainbow trout, esp after spawning. درياءَ جي وڏي رنگدار مڇي (خاص ڪري آنيءَ جي چنڊڻ ڪاڻپوء)، آنا لاٿل مڇي، انڊلٽ صورت ٽرائوٽ مڇي، رنگ برنگي مڇي.

steel plate (اسٽيل پليٽ) **n** a plate of steel; one on which a design is engraved; a print from it. فولاد جي چادر، اها رڪ جي چادر جنهن تي ڪا نقش بندي ڪري سگهجي، فولادي چادر سان تيار ڪيل ڇاپو.

steel trap (اسٽيل ٽريپ) **n** one with steel jaws and spring. فولادي شڪنجو.

steel wool (اسٽيل وول) **n** steel shavings used for cleaning and polishing. فولاد جي نهيل چاري جيڪا صفائيءَ ڪرڻ ۽ ڪم اچي، پالش ڪرڻ وارو لوهي ڪپهه نما مادو.

steel work (اسٽيل ورڪ) **n** work executed in steel; a framework for (part of) a building, made of steel; a factory where steel is made. فولاد ۽ ڪم ٿيل، ڪنهن جڳهه لاءِ شروعاتي اڏاوت ڪرڻ يا ڍانچو تيار ڪرڻ جيڪو فولاد يا لوهه جي سيخن جو نهيل هجي، اهو ڪارخانو جتي فولاد تيار ڪيو وڃي، لوهه ٺاهيندڙ ڪارخانو يا بٺي.

steely (اسٽيلي) **adj.** of, or hard, as steel; inflexibility severe; cold; ruthless; فولاد وانگر سخت، رڪ مان نهيل، فولادي، سخت، مضبوط، اڻ مڙندڙ، ڏاڍو، ٿڌو، بي رحم، ظالم، بي ترس، بي قياس.

steelyard (اسٽيل يارڊ) **adj** a weighing machine consisting of a lever with a short arm for the thing weighted and long graduated arm on which a single weight moves. فولاد مان تيار ٿيل ڪانٽو يا تارازي، فولادي تارازي، فولادي گز، ولائتي تارازي، ڪانٽي جو قسم.

steen, stean or **stein** (اسٽين) **vt** to line (a wall or other excavation) with stone; such a lining. (ديوار يا ڪنهن ٻيءَ جاءِ کي) پٿر سان اوساري ڪرڻ، ٻاهريون پٿر جو تهه چاڙهڻ.

steenbock (اسٽين باڪ) **n** a small S African antelope. ڏکڻ آفريڪا جو هڪ ننڍو هرڻ، ڏکڻ آفريڪا جو نير، صحرائي هرڻ جيڪو قدرتي چشمن جي ويجهو رهندو آهي.

steenbras (اسٽين بارس) **n.** any of several edible estuarine S African fish (Afric) ڏکڻ آفريڪا جي ڪانڻ واريءَ مڇيءَ جون مختلف جنسون.

steenkirk (اسٽين ڪرڪ) **n** a neckcloth or cravat with long lace ends. مفلر يا مفلر وانگر ڍڪهو ڳچيءَ وارو رومال يا ڪپڙو، (جنهن جا پلاند ڊگها هجن).

steep[1] (اسٽيپ) **adj** lofty; rising or descending with great inclination; precipitous; headlong; difficult; excessive, exorbitant; a lot to ask anyone to believe, exaggerated, incredible; a precipitous place; to cause to stoop, slope; to rise or fall precipitously. تمام لاهي، اوچي لاهي، هيٺاهين، ترڪڻي، ڏکي يا گهٽي چڙهائي، ڳري، ڪنهن کي ميڃائڻ لاءِ گهٽو ڪجهه ڳالهائڻ، غير يقيني، ترڪڻ واري جاءِ، بلندي، اپو، ايڪيرو، ڏکي چاڙهي، چڙهائي، ايڪيري، اڏوير، اؤکو، ڏکيو، لشيدار، اؤکي چاڙهي، اوکي، اُبي بيهڪ.

steep[2] (اسٽيپ) **vt, vi, n** to soak; to wet thoroughly; to saturate; to imbue; to undergo soaking or thorough wetting; a soaking process; a liquid for steeping anything in; rennet. آلو ڪرڻ، پسائڻ، گهيلو ڪرڻ، پوچڻ، ٻوڙڻ، پسائڻ وارو عمل، آڏارڻ، پنير مايو، شير مايو، جميل کير، ڏونرو.

steeple (اسٽيپل) **n** a church or other tower with or without, or including or excluding, a spire; a structure surmounted by a spire; the spire alone. منارو، گنبذ، گنبذ يا گنبذ کان بغير چرچ، ليل سان يا ليل بغير اڏاوت، هڪ اڏاوت جيڪا ليل وانگر هجي.

steeplebush (اسٽيپل بش) **n** the spirea plant, esp the American spiraea or harback. چوٽيءَ واري بيهڪ وارو ڏکهو آمريڪي ٻوٽو.

steeplechase (اسٽيپل چيز) **n** an impromptu horse race with some visible church steeple as goal; a horse race across country; a horse race over a course with obstacles to be jumped; a race of this kind run on foot; to ride or run in a steeplechase قبي يا ليل واري چرچ طرف گهوڙن جي ڊوڙ، ملڪ گير گهوڙن جي ڊوڙ يا گوءِ، ڪنهن رڪاوٽ واري جاءِ ٽپڻ لاءِ گهوڙن جي ڊوڙ، اهڙي قسم جي ڊوڙڻ واري گوءِ يا شرط.

steeplejack (اسٽيپل جيڪ) **n** a person who repairs steeples and high chimneys. اهو ماڻهو جيڪو قبن، منارن، گنبذن يا ليلن جي مرمت ڪندڙ هجي.

steer[1] (اسٽيئر) **vt, vi, n** to move (a vehicle or ship) in the direction desired by means of a steering wheel, helm or similar device; to guide; to govern, control the course of; to direct a ship, vehicle, in its course; to move, follow a course, in response to the wheel, helm; an act of steering; a piece of misinformation. (جهاز، موٽر) هلائڻ، گهربل طرف ڏاڻهن ڪنهن

گاڏيءَ يا ٻيڙيءَ کي موڙڻ. سيڪارڻ. ڏيکارڻ. سڌو رستو ڏيکارڻ. رستو وٺڻ. گوشو ڪرڻ. غلط معلومات ڏيڻ. منجهائڻ. ڀنيلائڻ. ڀلائڻ.

steer[2] (اسٽيئر) **n** a young ox, esp a castrated one from two to four years old.ڳابو، ٿئون ننڍو ڏاند، وهڙو، ڍڳو، خصي ڍڳو. ٻشاندو.

steerage (اسٽيئريج) **n** the act or practice of steering; the effect of a rudder on the ship; course; government; apparatus for steering; part (in front of the great cabin) from which a ship used to be steered; part of a passenger ship with lowest fares.جهاز راني، رهنمائي، سکان جو هلائڻ، ڏيکارڻ يا گهمائڻ وارو عمل. رستو. ٻيڙي تي سکانيءَ جو اثر. حڪومت ڪرڻ جي عمل جو ملڪ تي اثر. گهمائڻ يا هلائڻ وارو اوزار. اهو حصو جتان ٻيڙي يا سامونڊي جهاز کي هلائي سگهجي. ڌڪندڙ اوزار. جهاز ۾ سستي ڀاڙي وارن لاءِ جاءِ

steerageway (اسٽيئريج وي) **n** sufficient movement of a vessel to allow the rudder to grip the water thus enabling it to be controlled by the helm.پاڻيءَ واري جهاز جي ڪهڙيل چرپر جيئن سکان پاڻيءَ ۾ ٽڪرائي چرپر ڪري سگهي ۽ عملو جهاز کي آسانيءَ سان هلائي سگهي.

steering (اسٽيئرنگ) **n** an act of or the process of steering; the mechanism or interconnected parts that make up a steering system.هلائڻ، گهمائڻ يا ڏيکارڻ جو عمل. ان عمل کي هلائڻ وارا پرزا يا انهن جي جوڙجڪ.

steering column (اسٽيئرنگ ڪالم) **n** in a motor vehicle, the shaft on which the steering wheel or handlebars are mounted.اسٽيئرنگ يا گهمائڻ واري ڦيٿي جي هينيان لڳل سرائي.

steering committee (اسٽيئرنگ ڪاميٽي) **n** a group who decide what measures shall be brought forward and when.چونڊيل ماڻهن يا پارليامان جي رڪنن جو اهو مجموعو يا ڪاميٽي جيڪو ڪنهن نظام کي هلائڻ وارا فيصلا ڪري. پارليامان جي انتظامي ڪاميٽي.

steering gear (اسٽيئرنگ گيئر) **n** the mechanism that transmits motion from the steering wheel so that a vehicle, aircraft may be steered.اهڙو مشيني نظام جنهن سان اسٽيئرنگ يا هلائڻ واري ڦيٿي جي مدد سان ڪنهن گاڏيءَ يا جهاز کي هلائي، گهمائي يا اڏائي سگهجي.

steering wheel (اسٽيئرنگ ويل) **n** the wheel by which a ship's rudder is turned, or a motor car is guided.گاڏي يا بحري جهاز موڙڻ يا هلائڻ وارو اسٽيئرنگ ويل (ڦيٿو). چرپر تي ضابطو رکندڙ ڦيٿو.

steersman or **stearsmate** (اسٽيئرس مئن آر اسٽيئرس ميٽ) **n** the person who steers a vessel, a helmsman.پاڻيءَ واري جهاز کي هلائڻ وارو ماڻهو. جهاز جي عملي جو خاص ماڻهو. سکاني، معلم، ناخدا، ناکئو.

steeve[1] (اسٽيو) **n** the angle of elevation, esp of a bowsprit, in relation to the horizontal; to incline to the horizon. سڌي سطح مٿان ڪنهن اوچائيءَ واري ڪنڊ. نظري گهيري يا افق طرف هيٺ ڪرڻ يا رکڻ. افق وٽ ليٽائڻ.

steeve[2] (اسٽيو) **adj** stiff; sturdy..سخت، ضدي، ڏاڍو، مشڪل. سوٽ، مضبوط، تندرست، جانٺو، ڏٺو متو، طاقتور، ڏٺو ڏونو.

steeve[3] (اسٽيو) **vt, n** to stuff, pack tightly (cargo eg cotton) into a ship's hold; a derrick or spar with a block in the end for packing cargo into a ship's hold..سختي يا مضبوطيءَ سان ڀرڻ. بحري جهاز ۾ مال (ڳدي) ڀرڻ. جهاز جو مال ڀرڻ وارو حصو.

steganogram or **steganograph** (اسٽيگنو گرام آر اسٽيگنوگراف) **n** a cryptogram..خفيه ٻوليءَ ۾ لکيل ليکو. اشاراتي ٻوليءَ ۾ موڪليل پيغام. ڳجهي لکتي يا لکت.

steganographer (اسٽيگينوگرافر) **n** a person who works with ciphers.ڳجهن اکرن وارو ڪم ڪرڻ وارو ماڻهو. ڳجهن اکرن لکڻ ۽ سمجهڻ وارو ماڻهو. مخفي لکت جو ماهر.

steganopod (اسٽيگنوپاڊ) **n** any bird of the steganopodes, the pelican order of birds, with all four toes webbed together.پيڻ پکي ۽ ان قسم جا ٻيا پکي جن جي چنبي جون آڱريون هڪ ٻئي يا پرديءَ سان پاڻ ۾ مليل هجن. پردائين چنبي وارا پکي. گهٽ عقل وارا پکي. سامونڊي پکي.

steganosis (اسٽيگنوسز) **n** constriction of the pores and vessels; constipation. سوراخ تنگي. قبضيت. قبضي. قبض.

stegocarpous (اسٽيگوڪارپس) **adj** with a lidded capsule. ڍڪ سان بند ڪيپسول.

stegophilist (اسٽيگوفلسٽ) **n** a person who climbs buildings for sport.ماڻهو جيڪو جڳهين مٿان تيا ڏئي (راند يا رونشي خاطر).

stegosaur (اسٽيگو سار) **n** any of several orinthischian, quadrupedal, herbivorous dinosaurs of the Jurassic period, having armour of various kinds made up of bony plates.قديمي زماني جا پنڌ پهڻ ٿيل (ڊائنوسار) جانور جيڪي گاهه کائيندا هوا. گينڊي نما آڳاٽا جانور. پراڻي يا قديمي زماني وارن جانورن وارو عرصو جڏهن ماڻهو هڏن مان ٺهيل زرهه پائيندا هئا.

stegosaurus (اسٽيگو سارس) **n** a member of the class of stegosaurs, having two lines of kite-shaped plates along the back bone.اهڙي قديم عرصي وارا جانور جن جي ڪرنگهي مٿان لغڙ نما هڏاوَن ڍانچو هو. چلرن واري ڪل وارا اڳوڻي زماني جا جانور. آڳاٽي زماني جا گينڊي جي جنس جا گاهه کائيندڙ جانور.

stein (اسٽيئن) n a large beer mug, often earthenware and frequently with a hinged lid; the amount held by such a mug (Ger).چيني مٽيءَ جو ٺهيل وڏو پيالو جنهن ۾ بيئر (شراب) پيتو ويندو آهي. جڳ ۾ پيل بيئر جو مقدار.

steinbock (اسٽيئن باڪ) n the Alpine ibex; another name for steenbock. ننڍي قد وارو الپائني هرڻ.

stela or stele (اسٽيلا يا اسٽيل) n an upright stone slab or tablet; the central cylinder in stems and roots of the higher plants.پٿر جو اڀو رکيل ٽڪرو. ڊگهن ٻوٽن جي وچين پاڙ واري ڏانڊي، مکيه شاخ يا ڏڙ.

stell (اسٽيل) vt, n to establish a law; to fix, post; to delineated; an enclosure (usu a ringwall) for sheltering sheep etc..قانون قائم ڪرڻ، نافذ ڪرڻ . مقرر ڪرڻ. لڳائڻ، دائرو ٺاهڻ، گول دائرو، گولائون وارڙ، (خاص ڪري لوڙهو يا چوڌيواري ڏيڻ) ڌڻ کي روڪڻ لاءِ.

stellar (اسٽيلر) adj of the stars; of the nature of, relating to, belonging to or characteristic of a star; starry; relating to a star performer or performance; excellent.تارن جو، ستارن جو، قدرت جو، ستارن سان لاڳاپيل يا ستارن جون خوبيون، تارن يا ستارن بابت، سٺو يا بهترين پيش ڪيل پروگرام، ناچ گانو، اداڪاري.

stellarator (اسٽيلريٽر) n a twisted torus in which plasma can be confined by a magnetic field used for producing thermonuclear power by nuclear fusion. جوهري عمل رستي قوت يا طاقت پيدا ڪرڻ جو نظام.

stellar evolution (اسٽيلر اووليوشن) n sequence of events and changes covering the cntire life cycle of a star.ستارن جي مڪمل زندگيءَ وارو چڪر ۾ ان جا مختلف زمانا ۾ آيل تبديليون.

stellar wind (اسٽيلرونڊ) n material radiating from the atmosphere of a very hot star.تمام گرم ستارن مان نڪرندڙ جوهري شعاع يا جوهري مادو.

stellate (اسٽيليٽ) adj star-shaped; with branches radiating from a point; with sides that intersect one another, giving a starlike effect, as in the pentagram..تاري جهڙو، ستارن والگر، ڪرڻي والگر، تاري نما چرخي، ڏنداڻين چرخي، وچ کان ٻاهر طرف شاخون نڪتل بيهڪ، سمورن پاسن جو هڪ نڪتي تي اچي ملڻ، ستارن جهڙو نمونو، ستاري نما.

stellenbosch (اسٽيلين باش) vt to relegate to a post where incompetence matters less; to supersede.

نا اهليءَ ڪري عهدو گهٽائڻ، بهتر عهدي کان ڪمترعهدي تي مقرر ڪرڻ، قابليت جي ڪميءَ سبب عهدي ۾ آندل ڪمي، ترقيءَ کان محروم ڪرڻ.

stelliferous (اسٽيليفيرس) adj having or bearing stars or starlike marks or forms.ستارن جو هجڻ، ستارن جو جهلڻ، ستارن والگر نشان لڳل بناوتون، ستاري بردار، ستاري صورت.

stellion (اسٽيلائن) n an E Mediterranean lizard with starry spots.اوڀر يورپ جي ڀلاڪني جي ڪرڙي جنهن جي جسم تي ستارن يا تارن جهڙا نشان لڳل آهن، تارن وارو ساندو.

stellionate (اسٽيلائنيٽ) adj a fraud for which there is no specific name..امڙي ٺڳي جنهن جو ڪو خاص نالو نه هجي، بي نام دوکو.

stellular or stellulate (اسٽيليولر آر اسٽيليوليٽ) adj like a little star or little stars; set with little stars.ننڍي ستاري نما.

stem[1] (اسٽيم) n, vt, vi the leaf-bearing axis of a plant; a stalk; anything stalklike, such as the slender vertical part of a written musical note, or of a wine glass or the winding shaft of a watch; an upright stroke of a letter; the main line (or sometimes a branch) of a family; a race or family; the base of a word, to which inflectional suffixes are added; to provide with a stem; to deprive of stalk or stem; to grow a stem; to spring, take rise..ٿڙ، ٽاري، لڪڻ، ڏانڊي، تيلي، ڪانو، ڪانگڙ، ڳنو، ٿڙي، ڪنهن خاندان جي شجري جي مکيه ليڪ، سلسلو، ڪنهن لفظ جو بنياد، اصل لفظ، شروعاتي لفظ، ٽاري مهيا ڪرڻ، ٿڙ جو وڌڻ، واڌ، ڦلجڻ، خاندان، ڪل، اصل نسل، پيڙهي، ڳني، خاندان جي شاخ، قوم، ٻڻ بنياد، لفظ جي جڙ، شاخون پٽڻ، شاخ ڪيڻ.

stem[2] (اسٽيم) n, vt a curved timber at the prow of a ship; the forepart of a ship; to make slight headway or hold position against (a contrary tide or current); hence, to make way against, breast; to ram.پاڻيءَ جي جهاز ۾ اڳين حصي وارو مڙيل ڪاٺيءَ سان ٻيهاريل حصو، ڪنداڻي يا چوليارڀ ڪاٺي جيڪا پاڻيءَ ۾ رستو ٺاهي، پاڻيءَ کي چيري ۾ جهاز جو ڏگ ٺاهي، پاڻيءَ واري جهاز جو ڏون جيڪو پاڻيءَ ۾ هلڻ لاءِ رستو پيدا ڪري، ڪاهي هلڻ.

stem[3] (اسٽيم) vt, vi, n to stop, check; to dam; to plug or tamp; to stanch; to slow down by pushing the heels apart; (in skiing) the process of stemming, used in turning.بند، بيهڻ، ٺهارڻ، جاچڻ، روڪڻ، اوپارو وجهڻ، ڏيڻ، بند ڏيئي سوگهو ڪرڻ، بندو ڏيڻ، پوڇڻ، هلڪو ڪرڻ، رفتار گهٽائڻ، جبل تان لهڻ يا ترڪڻ واري راند جو طريقو، مڙڻ جو طريقو.

stem cell (اسٽيم سيل) n a generalized parent cell that gives rise to cells that specialize.اهي مادي جزا جيڪي جاندار شين جي واڌ ۾ حصو وٺن.

stemcup (استيمر ڪپ) **n** a Chinese porcelain goblet first produced in the Ming Dynasty, having a roomy bowl mounted on a stem that broadens to form the base. چين جو تاريخي يا اڳوڻي زماني جو پيالو.

stemginger (استيمر جنجر) **n** the underground stem of the ginger plant.ادرڪ ٻوٽي جو زمين اندر وارو حصو. ادرڪ جي پاڙ. ادرڪ يا سنڍ.

stemma (استيما) **n** a garland; a scroll; a pedigree, family tree; a diagrammatic tree drawn up (using the internal evidence of manuscripts) to show the descent and relationships of the texts of a literary work; an ocellus..هار. ڪنٺو. ويڙهه. وينو. چٺو. ياداشت. شجرو. ٻڙ. اصل نسل. بنياد. خانداني شجرو. حسب نسب.

stemmer (استيمر) **n** (mining) a metal bar used to tamp down a charge in a blasting hole.لوهه جي سيخ. جيڪا جبل کي ڦاڙڻ لاءِ سوراخ وسيلي اندر ٺوڪبي آهي ته جيئن ان ذريعي زمين کي ڦاڙي سگهجي. رلبو.

stempel or **stemple** (استيمپل) **n** a crosstimber in a shaft, as support or step.ٿنڀي کي ٽيڪ ڏيڻ لاءِ ڪاٺيءَ جو ٽڪرو. ٿولهي. جهلو. ڪامر. پٽي.

stemson (استيمسن) **n** a curved timber behind the apron of a wooden-hulled ship.پاڻيءَ جي ٻيڙيءَ ۾ پوين حصو (درو).

stemturn (استيمٽرن) **n** (skiing) a turn performed by stemming one ski and bringing the other ski down parallel with it.برف تي هلڻ واري راند ۾ وڪڙ ڏئي مٿي چڙهڻ يا لهڻ.

stench (استينچ) **n, vt, vi** a stink; to cause to stink. بدبو. بانس. ڌپ. روڳ. ساڙ. روڳي بوءِ. ڌپ ڪرڻ. بدبوءِ ڪڍڻ.

stench trap (استينچ ٽريپ) **n** a device to prevent the rise of gases in drains.نالين ۾ گئس جي بوءِ کي وڌڻ يا ٻاهر نڪرڻ کان روڪڻ وارو طريقو.

stencil (استينسل) **n** a plate perforated with a design, lettering, from which copies are made by applying paint, through it on to paper other material; the design or lettering so produced; a piece of waxed paper, on which letters are cut by typewriter or stylus so that ink will pass through; to produce (lettering or a design) from a stencil; to mark or decorate a material using a stencil.نقش لڪتل ڌاتوءَ جي پٽي. نقش ساز تختي. جنهن سان وڏيڪ ساڳئي قسم جي ڇپائي حاصل ڪري سگهجي. گهڻا نقل تيار ڪرڻ لاءِ سنهو سوراخ دار يا ٽائيپ ٿيل ڪاغذ. سوراخدار ڪاغذ وسيلي نقل تيار ڪرڻ.

stend (استيند) **vt, n** to bound, stride vigorously; a bound or great stride; a dart of pain.ٻڏل رهڻ. مقرر هجڻ. ٻرانگهون پائڻ. وڏيون وکون کڻڻ. تکڙو هلڻ. وڏي ٻرانگهه. سور وارو ڏنگ. سور جي سٽ.

sten (gun) (استين (گن)) **n** a small lightweight machine-gun. هڪ ننڍي هلڪي وزن واري بندوق يا رائيفل. ننڍي مشين گن.

stenlock (استين لاڪ) **n** a coalfish; an overgrown coalfish. ڪوئلي وانگر مڇي. متاري وڏي وزن واري ڪوئلي نما مڇي.

steno- (استينو) combining form : denoting – narrow, constricted, contracted..لفظي اڳياڙي – سوڙهو. سنهو. لڪل. اندروني. گهٽايل. گهٽ ڪيل.

stenocardia (استينوڪارڊيا) **n** another name for the heart disease angina pectoris.دل جي بيماريءَ سان لاڳاپيل. دم ڪشي يا سيني جي سور جو ٻيو نالو. دل جو سور.

stenochrome (استينوڪرومر) **n** a print by stenochromy. گهٽايل رنگ. ڳتيل رنگ. ڳوڙهو رنگ.

stenochromy (استينو ڪرومي) **n** printing in several colours at one printing.گهٽايل رنگداري. ڳتيل رنگداري. گهڻن رنگن وارو. ڇاپو. مرڪب رنگ ڇاپو.

stenograph (استينو گراف) **n**: a shorthand character or report; a machine for writing shorthand, operated by keyboard; to written shorthand.مختصر نويس. مختصر نگار. چوٽ اکر ليک.

stenographer (استينو گرافر) **n** a shorthand typist.مختصر نويس. مختصر نگار. چوٽ اکر لکندڙ.

stenography (استينو گرافي) **n** the art, or any method, of writing very quickly; shorthand..مختصر نويسي. مختصر نگاري. چوٽ اکر لکڻ. ڪوتاهه قلمي.

stenopaeic (استينو پيڪ) **adj** with narrow opening. باريڪ. سنهو. نازڪ. گهٽ.

stenophyllous (استينو فيلس) **adj** having narrow leaves. باريڪ گل. پن دار (ٻوٽو).

stenosed (استينوزڊ) **adj** contracted as a result of disease.بيماري جي ڪري سڪڙجي ويل. سنهو ٿي ويل. ڪمزور ٿي ويل. سسي ويل.

stenosis (استينوسز) **n** constriction, narrowing of a tube or passage; constipation. قبض. تنگي. باريڪي. سوس.

stenotopic (استينو ٽاپڪ) **adj** able to tolerate only a small degree of environmental change.اهڙو جيو جيڪو صرف معمولي ماحولياتي تبديلين کي برداشت ڪري.

Stenotype ® (استينو ٽائيپ) **adj** a form of typewriter used for recording speech in phonetic shorthand.مختصر نمونو. باريڪ نمونو. مختصر نمولي ڪار. اهڙي ٽائيپ مشين جيڪا مختصر نويسيءَ ۾ لکت تيار ڪري.

stent (اسٽينٽ) n assessment; valuation; tax; to assess; to tax; to levy.تخمينو، اندازو، تور ڪرڻ، ڍل ولڻ، محصول ولڻ، ڍل مڙهڻ، پرتي ڪرڻ، وجهڻ، ڍل ٻڌڻ.

stentmaster (اسٽينٽ ماسٽر) n a person who determines the amount of tax to be paid.ڍل يا محصول جي اندازي لڳائڻ وارو ماڻهو، ڍل يا محصول بندي ڪندڙ، تپيدار، آبدار، محصول ڪاٽي جو عملدار.

stentorian (اسٽينٽورين) n (of a voice) loud, powerful, carrying.(آواز) بلند، ڏاڍو وڏو، تمام وڏو، ڳرو ،بلند آواز، سڏڻ.

step (اسٽيپ) n, vt, vi a pace; a movement of the leg in walking, running or dancing; the distance so covered; a footstep, footfall; a footprint; gait; a small space; a short walk or journey; a degree of a scale; a stage upward or downward; one treated of a stair; a rung of ladder; a doorstep; something to put the foot on in mounting or dismounting; a stairlike rise or drop in level; a stage on the way up or down; a move towards an end or in a course of proceeding; coincidence in speed and phase; a support for the end of a mast, pivot; a flight of stairs; to advance, retire, mount, or descend by taking a step or steps; to measure by pacing; to set; to fix.وک، گام، ڏاڪو، مفاصلو، مرحلو، قدم، پدر، پنڌ ڪرڻ سان جنگهه جي هڪ جاءِ کان ٻيءَ جاءِ تائين وارو مفاصلو، قدمن جا نشان، ننڍو قدم، ٿورو پنڌ، پنڌ يا مفاصلي واري ماپ، هيٺ يا مٿي هلڻ واري حالت، رتبو، رفتار، تدبير، ڪاروائي، وجهڻ، هلڻ، وک پرڻ، قدم کڻڻ، قدمن سان مفاصلو ماپڻ، ناچ ڪرڻ، بيهارڻ، مقرر ڪرڻ، کوڙڻ، جمائڻ.

step- (اسٽيپ) pfx indicating relationship by a second or subsequent marriage or mating.لفظي اڳياڙي – جيڪا ويڳو خانداني رشتو ظاهر ڪري، ويڳو، ماٽيلو، مائيجو، لڳو.

step aerobics (اسٽيپ ايروبڪس) n aerobics involving stepping up on to and down from a portable block.ورزش ڪرڻ جو طريقو، قدمن کي هيٺ ۽ مٿي ڪرڻ واري ورزش، ڪنهن دڪيءَ يا پٿر تي پير مٿي ڪرڻ ۽ لاهڻ واري ورزش.

stepbrother (اسٽيپ برادر) n the son of a stepfather or stepmother.ويڳو ڀاءُ (پيءُ يا ماءُ جي طرف کان)، ماٽيلو ڀاءُ، اڳ جائو ڀاءُ.

stepchild (اسٽيپ چائيلڊ) n a wife's or husband's but not one's own child, daughter or son.ويڳو ٻار (جيڪو يا ته زال يا ته مڙس جي طرف کان هجي)، اڳ جائو،ماٽيلو اولاد، ماٽيلو ٻار.

step-cut (اسٽيپ ڪٽ) adj (of diamonds or other stones) cut in steplike facets.ڪنهن پٿر يا هيري کي ڏاڪي سان گهڙي تيار ڪرڻ، ڏاڪڻ صورت ڪٽائي،(هيري يا ٻئي جي) هيٺ مٿي بيهڪ.

step dance (اسٽيپ ڊانس) n a dance involving an effective display of steps by an individual dancer.جهمر هڻڻ، پيرن کي گهڻو گهمائي تيزنچڻ.

stepdaughter (اسٽيپ ڊاٽر) n a wife's or husband's but not one's own child, daughter.ويڳي ڌيءَ (زال يا مڙس طرف کان)، اڳ جائي، ماٽيلي ڌيءَ .

step-down (اسٽيپ ڊائون) n a decrease in rate, quantity, output; reducing voltage; decreasing by stages.پوئتي موٽڻ، گهٽائڻ، روڪڻ، هيٺ لهڻ، قيمت، ملهه يا انداز گهٽائڻ، بجليءَ جي ترسيل يا قوت گهٽائڻ، آهستي آهستي هلڪو ڪرڻ، درجي وار تبديلي آڻڻ.

stepfamily (اسٽيپ فيملي) n a family that includes a stepchild or stepchildren.اهڙو خاندان جنهن ۾ ويڳا ٻار موجود هجن.

stepfather (اسٽيپ فادر) n a mother's husband not one's own father.ويڳو پيءُ (ماءُ جو ٻيو مڙس).

stepfault (اسٽيپ فالٽ) n one of a series of parallel faults throwing in the same direction.هڪ غلطيءَ مثان ٻي غلطي، گهڻين غلطين مان هڪ غلطي يا ڀُل.

step function (اسٽيپ فنڪشن) n a function which makes an instant change in value from one constant value to another with an infinite number of harmonics present.اهڙو عمل جنهن ڪري ڪنهن ۾ هڪ الڳ جي ملهه ۾ جلدي تبديلي اچي وڃي، عمل رستي الڳ جي حالت يا بيهڪ بدلائڻ.

stephanite (اسٽيفينائيٽ) n a brittle silver ore, composed of silver, sulphur and antimony.(ڌاتڪي) چاندي جو ڪچو ڌاتو، (جيڪو چاندي، گندرف ۽ سرمي جو مرڪب هجي)، چانديءَ جو مرڪب ڌاتو.

stephanotis (اسٽيفينوٽس) n any asclepiad plant of Madagascar, cultivated for their waxy, scented flowers.ميڊاگاسڪر ٻيٽ جو طبي ٻوٽو، جيڪو ان جي خوشبودار گلن لاءِ پوکيو ويندو آهي،جڙي ٻوٽي.

step-in (اسٽيپ ان) n a garment that is put on by being stepped into, esp one that needs no fastening; to inter in..بنيرڪڻين واري پوشاڪ، آسانيءَ سان پائڻ واري پوشاڪ، اندر گهڙڻ، داخل ٿيڻ، قدم رکڻ، ڪنهن جاءِ ۾ داخل ٿيڻ.

stepladder (اسٽيپ ليڊر) n a ladder with flat treads and a hinged prop.تراڪڙن ڏاڪڻ واري ڏاڪڻ، جيڪا پاسن کان بند ٿي وڃي.

stepmother (اسٽيپ مدر) n a father's wife not one's

own mother; a bird that hatches another's eggs.ويگي ماءُ، ماتيلي ماءُ، ماتيجي ماءُ، پيءُ جي ٻي زال. ٻين جي آنن تي ويهاريل پکي.

stepney (اسٽيپني) n a spare wheel; a mistress, esp that of a white slaver..موٽر گاڏيءَ جو واڌو رکيل ڦيٿو، واڌو ڦيٿو، وهاريل عورت، ساهيڙي، سريت، سنگتياڻي.

step-parent (اسٽيپ پيرنٽ) n a mother's or father's later husband or wife.ويگو پيءُ يا ويگي ماءُ، ماتيلو پيءُ يا ماءُ، ماءُ جو ٻيو مڙس يا پيءُ جي ٻي زال.

steppe (اسٽيپي) n a dry, grassy, generally treeless, uncultivated and sometimes salt plain, as in central Europe and in Asia.خشڪ، گھٽو ڪري وڻڪار کان بغير علائقو، گاهه نما، غير آباد ۽ لوڻ وارو علائقو، (جيئن وچ يورپ ۽ ايشيا ۾) ميداني، نيم خشڪ علائقو، سرد علائقي جو چراگاهه، روس ۽ سائبيريا جو ميداني علائقو.

stepped-index fibre (اسٽيپڊ، انڊيڪس فائبر) n an optical fibre in which there is an abrupt transition from the higher refractive index of the information-bearing core to the lower refractive index of the cladding.ڪنهن مواصلاتي تار ۾ هڪ جاءِ تي ان جي ويڪرائي يا ٿولهه ۾ يڪدم گهٽتائي ٿيل، مواصلاتي نظام جو تارن ڪري آيل خلل.

stepping-stone (اسٽيپنگ اسٽون) n a large stone in a shallow stream, stepped on to cross the stream; a means to gradual progress.ندي يا نالي ۾ پيل ڏکهو پٿر جنهن تي هلي ٻئي طرف وڃي سگهجي ۽ ان جي مدد سان پاڻيءَ جي سطح ۾ معلوم ڪري سگهجي، واڌاري جو اپاءُ.

step rocket (اسٽيپ راڪيٽ) n one made in sections operating successively and then discarded.اهڙو راڪيٽ جيڪو گهڻن حصن تي ٻڌل هوندو آهي.

stepsister (اسٽيپ سسٽر) n a daughter of a step-parent by a marriage other than with one's father or mother..ويگي ڀيڻ، ويگي ماءُ يا ويگي پيءُ جي ڌيءُ، ماتيلي ڀيڻ، ماتيجي ڀيڻ.

stepson (اسٽيپ سن) n a male stepchild..مردانو ويگو ٻار، ويگو پٽ، ماتيجو پٽ، ماتيلو پٽ، پٽيلو.

step stone (اسٽيپ اسٽون) n. a door step.دروازي جي ٻاهران لڳل ڏاڪو.

step-up (اسٽيپ اپ) vt, vi an increase in rate, quantity or output; to come forward; to build up into steps; to raise by a step or steps; to increase the voltage of; to increase the rate or level of..اگهه يا ملهه ۾ واڌ، مقدار يا آمدنيءَ جي واڌ، ٻاهر يا اڳي وڌي اچڻ، ڏاڪن يا حصن سان مٿي نهيل، بجليءَ تي هلندڙ اوزار کي تيزي ڏيڻ.

-ster (سٽر) sfx used to denote a person with a particular characteristic, as in the youngster, or activity as in mobster, prankster.لفظي پڇاڙي جيڪا ڪنهن ماڻهوءَ جي خاصيت ڏيکاري، اسم کي صفت بڻائيندڙ لفظي پڇاڙي.

steradian (اسٽيراڊين) n a unit of measurement for solid angles, the angle subtended at the centre of a sphere by an area on its surface numerically equal to the square of the radius.ڪنهن گولائي جي اندر ڪنڊن جي ماپ ڪرڻ واري اڪائي.

stercoraceous (اسٽير ڪوراشيس) adj of, relating to, like or of the nature of faeces.چيٽي جهڙو، لڏ نما، پائخاني وانگر، پيٽ جو خارجي مادو.

stercoral (اسٽرڪورل) adj stercoraceous.چيٽي وانگر، چيٽي جهڙو، لڏ نما، پائخاني وانگر.

stercoranism (اسٽرڪورينزم) n a name for the belief that the sacramental bread is digested and evacuated like other food.اهڙي اعتقاد جو نالو جنهن مطابق يقين هجي ته قدرتي طورپيدا ٿيل مادن مان تيار ڪيل کاڌو يا ماني ٻين کاڌن وانگر هضم يا خارج ڪيو وڃي ٿو، کاڌي بابت پاڪ ۽ اڻ پاڪ شين جي هضم ڪرڻ بابت هڪ عيسائي عقيدو.

stercorate (اسٽرڪوريٽ) vt to evacuate the bowels..ڪاڪوس ڪرڻ، هنگڻ، ٽورو ڪرڻ، پائخانو ڪرڻ، چيٽو لاهڻ، هضم ڪيل کاڌو خارج ڪرڻ.

sterculia (اسٽرڪيوليا) n any tree or shrub related to the mallows, including kola and cacao..چيٽي دار ٻوٽو، پاخانو، خارجي يا اخراجي مواد.

stereo (اسٽيريو) n stereophonic reproduction of sound; sterescopic vision; a piece of sterephonic equipment, such as a record-player, tape recorder; a unit comprising such pieces.آواز پيدا ڪندڙ، مجسم بيني ڏيکاءُ، مجسمي بصارت، مجسم بينيءَ جو اوزار جهڙوڪ گانو هلائيندڙ ٽيپ رڪارڊر، اهڙو اوزار جنهن ۾ آواز ۽ فلم ڏيکارڻ وارا حصا گڏ هجن جيئن وي سي آر وغيره.

stereo- (اسٽيريو) combining form : meaning solid, hard, three-dimensional..لفظي اڳياڙي - ٺهرو، سخت، مڪعب، مجسم، ٽه رخائون، مکعبي.

stereoacuity (اسٽيريو ايڪيوٽي) adj, n the degree to which a person is aware of the separation of objects along the line of sight.ماڻهوءَ جي نظر جي انها حد جنهن ۾ هو شين جي الڳ الڳ حصن کي سڃاڻي سگهي.

stereobate (اسٽيريوبيٽ) n a substructure, foundation..مجسم بنياد، هيٺيون ڍانچو، مجسم پيڙهه، لنڌي اڏاوت، بنيادي اڏاوت.

stereoblind (اسٽيريوبلائينڊ) adj having two-

dimensional rather than normal three-dimensional vision. رواجي ٽرڪي نظر بدران ٻہ رخي نظر وارو.

stereocard (اسٽيريو ڪارڊ) n a card on which a pair of stereoscopic pictures are mounted. اهڙو ڪارڊ جنهن تي ٽہ رخو فوٽو يا تصوير لڳل هجي.

stereo-chemistry (اسٽيريو ڪيمسٽري) n the study of the spatial arrangement of atoms in molecules. ماليڪيولن ۾ ائٽمن جي جوڙجڪ ڏسڻ وارو علم. وضعي ڪيميا. مجسم ڪيميا.

stereochromy (اسٽريو ڪرومي) n mural painting fixed with waterglass. مجسم رنگي.

stereo-fluoroscope (اسٽيريو، فلور اسڪوپ) n a fluoroscope giving a three-dimensional view. ٽہ رخو نظارو يا ڏيک ڏيندڙ روشنيءَ وارو اوزار.

stereogram (اسٽيريو گرام) n a picture or diagram suggestive of solidity; a stereographic double picture, a radiogram for reproducing stereophonic records. مجسم نما، سخت شڪل نما (اوزار)، ٻہ رخو آواز يا تصوير ڏيندڙ اوزار.

stereograph (اسٽيريو گراف) n a stereogram. مجسم نگار. مجسم ڪش.

stereoisomer (اسٽيريو آئيسومر) n an isomer having the same chemical composition, molecular weight and structure, but differing spatial arrangement of atoms. اهڙو هم ذرڙو جنهن جي ڪيميائي بناوت ۽ ماليڪيولر وزن تہ ساڳي هجي ليڪن ان جي ائٽمن جي بيهڪ مختلف هجي. ڳهڻو هم پارايو ايٽمي جزو. ڳهڻ هم ذرڙائي. جنسي هم ترڪيبي.

stereome (اسٽيريوم) n mechanical tissue in plants. ٻوٽي ۾ سخت يا ٿلهو ريشو. سخت ريشو. ٿلهو ريشو.

stereometer (اسٽيريو ميٽر) n an instrument for measuring specific gravity or for measuring solids. مجسم پيما، مڪعب پيما، پٿر پيما

stereophonic (اسٽيريو فونڪ) adj giving the effect of sound from different directions in three-dimensional space. مختلف طرفن ڏانهن ٽہ رخو نڪتل آواز. آواز جو مختلف رخن يا طرفن کان اچڻ جو عمل.

stereophony (اسٽريو فوني) n stereophonic reproduction of sound. مجسم آوازي.

stereopsis (اسٽريو پسز) n binocular stereoscopic vision. مجسم نظر، سخت ڏيکاءُ.

stereopticon (اسٽريو آپٽيڪان) n a double projecting lantern, by means of which the one picture dissolves into another. ٻٽي روشنيءَ واري ٻتي. جنهن سان هڪ تصوير ٻيءَ تصوير ۾ ملي وڃي.

stereoptics (اسٽيريو آپٽڪس) n the optics of stereoscopy. مجسمي بيني يا مڪعب بيني وارا شيشا.

stereoscope (اسٽيريو اسڪوپ) n an instrument by which the images of two pictures differing slightly in point of view are seen one by each eye and so give an effect o solidity. مجسم بين، مڪعب بين، ڳهڻ چڪر درشڪ. ٿندين مورتن ڏسڻ لاءِ دوربين. اهڙو اوزار جنهن سان هڪ ئي تصوير ۾ ڪنهن شيءِ جا ٻہ رخ سمايا وڃن تا ۽ پوءِ اها تصوير ٿهري يا مڪعبي ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

stereosonic (اسٽيريوسونڪ) adj stereophonic. مجسمي آواز.

stereospecific (اسٽريو اسپيسيفڪ) adj relating to or of atoms having, a fixed spatial arrangement. اهڙا اڪثر يا ائٽا جن جي جوڙجڪ يا بيهڪ هڪ هنڌ بيٺل يا مقرر ٿيل هجي.

stereotactic or stereotactical (اسٽيريو ٽيڪٽڪ آر اسٽيريو ٽيڪٽيڪل) adj. of stereotaxis; relating to the precise location of particular brain structures by three-dimensional survey. مجسم رُخيءَ، مجسم ترتيبيءَ وارو. سخت رخي. ڪنهن دماغ جي بناوت جي خاص جڳهہ جيڪا ٽہ رخي ماپ سان ورتل هجي.

stereotaxia (اسٽيريوٽيڪشيا) n the electrical destruction of a small area of brain tissue, using stereotactic methods, to relieve disorders such as epilepsy and Parkinsonism. بجليءَ جي مدد سان دماغ جي ڪنهن ننڍي حصي کي ختم ڪرڻ يا خارج ڪرڻ.

stereotaxis (اسٽيريو ٽيڪسس) n the reaction of an organism to the stimulus of contact with a solid body; stereotaxia. مجسم رخي، مجسم ترتيبي، سخت رخي.

stereotomy (اسٽيريو ٽومي) n section-cutting of solids; stone-cutting. مجسم جراحي. پٿر تراشي.

stereotropism (اسٽيريو ٽروزم) n the tendency to bend or turn in response to contact with a solid object. مجسم حرڪت نمائي. سخت رخي. مجسم رخيت.

stereotype (اسٽيريو ٽائيپ) n a solid metallic plate for printing, cast from a mould of composed type; the art, method, or process of making such plates; a fixed conventionalized or stock image, or a person or thing that conforms to it; pertaining to, or done with, stereotypes; to make a stereotype of; to print with stereotypes; to characterize or categorize (esp a person) too readily or simplistically. سخت نمونو. ڇاپڻ جو فن. مجسم نمونو. ڇاپي جي اکرن مان ٺهيل تختي. ڇا پيڪاريءَ جو قسم. ڇپائيءَ لاءِ تيار ڪيل مواد. جدا جدا ترتيب ڏيڻ. الڳ ڪرڻ.

stereotyped (اسٽريو ٽائيپڊ) **adj** transferred as letter-press from setup movable type, to a mould, and thence to a metal place; fixed, unchangeable, as opinions; conventionalized, conforming to a stock image or cliché.اڻ ڦرندڙ، پڪو ٿي ويل، نہ ڦرندڙ، هليءِ چليءِ موجب، اڻ ڦرندڙ طريقو، غير مبدل، جمودي، رسمي، دقيانوسي.

stereotypy (اسٽيريو ٽائپي) **n** the producing of stereotype plates; the repetition of senseless movements, actions or words in cases of insanity etc.مجسم تختي ٺاهيندڙ، مجسم نموني دار، چرياڇ واري حالت ۾ ساڳين لفظن کي دهرائڻ، اجائي چر پر ڪرڻ.

steric (اسٽيرڪ) **adj** relating to the spatial arrangement of atoms in a molecule..جسمي، وضعي، مجسمي، جوهر يا اڻن جو اندروني سرشتو.

sterigma (اسٽير گما) **n** a stalk that bears a sporangium, basidiospore or conidium..ريشمي تخم (ڏاڪي)، تنداڻون تخم.

sterile (اسٽرائيل) **adj** unfruitful; barren; not producing or unable to produce, offspring, fruit, seeds, or spores; (of a flower) without pistils; (of a glume) not subtending a flower; sterilized; destitute of ideas or results.سنڍ، کسڙ، لسڦل، بنجر، بي ڦل، بي ثمر، اڻ زرخيز، خصي، نامرد، ڍلو، غير مؤثر، ويران، غير آباد، ڪبڙ، وانجهہ، جيوڙن کان آجو (خاص طور اهڙن جيوڙن کان جيڪي مرض پيدا ڪن) ڦر، ميوي ٻج، تخمڙن پيدا ڪرڻ جي نااهل.

sterility (اسٽرلٽي) **n** the quality of being sterile; unfruitfulness, barrenness, in regard to reproduction.سنڍپڻو، اڻ سپنڌي خصائپ، لسڦلائپ، بي ثمري، ڍلائي، اڻ ڦلائپ، سنڍائپ، خصي پڻ، بي حاصلي، لسڦلتا، آڦلتا، جانورن يا انسانن روڳ جڏهن اهي ڦرجڻ جي قابل نہ رهن.

sterilize (اسٽرلائيز) **vt** to cause to be fruitless; to deprive of power of reproduction; to destroy micro-organisms in..آجيو ڪرڻ، جيوڙا مارڻ، جيوڙا ڪڍڻ، سنڍ ڪرڻ، صاف ڪرڻ، پاڪ ڪرڻ، آجيو ڪرڻ، پاڪ، ويران يا سنڍ ڪرڻ، (کير وغيره مان) جيوڙا ڪڍي ڇڏڻ.

sterilizer (اسٽرلائيزر) **n** one who, or that which, sterilizes; any apparatus for destroying germs..آجيو ڪار، صاف ڪندڙ، جيوڙن کان پاڪ ڪندڙ اوزار، جيوڙا ختم ڪندڙ، جراثيم ڪش، جيوڙا مار دوا، جيوڙا ناس ڪندڙ اوزار يا مشين.

sterlet (اسٽرليٽ) **n** a small sturgeon found in the Caspian Sea area and yielding fine caviar..هڪ ننڍي مڇي، جيڪا ڪيسپين سامونڊي علائقي ۾ لڌي وڃي ٿي ۽ جنهن جي آني ڪاڻي لاءِ سٺي تصور ڪئي وڃي ٿي.

sterling[1] (اسٽرلنگ) **n, adj** an old English silver penny; British money of standard value; of sterling or standard English money; genuine, authentic; of authority; of thoroughly good character, solidly worthy and reliable; (of silver) of standard quality.هڪ پراڻو (انگريزي) چانديءَ جو سڪو، برطانيا جو سرڪاري سڪو، اسٽرلنگ سڪو، پائونڊ جو سڪو يا نوٽ، نبار، ٺيٺ، کرو، ٺهرايل قيمت جو، اصيل سالم، سچو، چنڊ، خالص پڪو، صاف.

sterling[2] (اسٽرلنگ) **n** a submachine gun that fires bursts or single shots, and does not jam.اهڙي رائيفل جيڪا هڪ ئي وقت ۾ ڪيترين ئي گولين هلائي ٿي ۽ ان جي نالي ۾ رڪاوٽ بہ نٿي اچي.

sterling area (اسٽرلنگ ايريا) **n** a group of countries with currencies tied to sterling and freely settling transactions among themselves through London.اهڙا ملڪ جن جو سڪو اسٽرلنگ پائونڊ سان وابستہ هجي ۽ هو پاڻ ۾ لنڊن جي معرفت آسانيءَ سان ڪري سگهن.

stern[1] (اسٽرن) **adj** severe; austere; rigorous; hard, un-yielding, inflexible; unrelenting..سخت، پڪو، رکو، کهرو، سينو، چاتي، ڪوڙو، شوخ، بي رحم، درست، سنائو، ڪرڙو، ڏاڍو، رياضتي، تپشي، زبردست، بلڪل، پورو، ترتر، نہ مڃيندڙ، نہ مڙندڙ، آمڙ، اٽل ڪاهوڙي، ڏير، ڪٺن، پوتي نہ هٽندڙ، ڪٺور، بي ترس.

stern[2] (اسٽرن) **n** the hind part of a vessel; the rump or tail; steering-gear, helm, the steersman's place; to back, to row backward..جهاز جو پويون حصو، پڇ، اسٽيئرنگ گيئر، جهاز جي پڇاڙي يا پاڇيل حصو، جهاز جو حصو، جهاز جو هلائڻ وارو حصو جيڪو گهڻو ڪري جهاز جي پوئين حصي ۾ هوندو آهي.

stern[3] or **starn** (اسٽرن) **n** a star. ستارو، تارو، گرهہ.

sternage (اسٽرنيج) **n** sterns collectively.پڇاڙيون، پويان حصا.

sternboard (اسٽرن بورڊ) **n** backward motion of a ship; loss of way in tacking.پيڙي يا جهاز جي پوئين حصي واري چرپر، جهاز جو اڳتي هلڻ بجاءِ پوئتي هٽڻ يا هلڻ.

stern-chase (اسٽرن چيز) **n** a chase in which one ship follows directly in the wake of another.اهڙي ڊوڙ جنهن ۾ هڪ جهاز ٻئي جهاز جي رخ تي هلي يا پوئلڳي ڪري.

stern-chaser (اسٽرن چيزر) **n** a cannon in the stern of a ship. جهاز جي پاڇيل حصي ۾ لڳل توب.

stern frame (اسٽرن فريم) **n** the framework of a ship's stern. جهاز جي پوئين حصي وارو ڍانچو يا بيهڪ.

stern port (اسٽرن پورٽ) **n** a port or opening in the stern of a ship. جهاز جي پوئين حصي ۾ کلڻ واري جاءِ.

sternpost (اسٽرن پوسٽ) n the aftermost timber of a ship, supporting the rudder.ساموندي ٻيڙي پٺيان لڳل آخري ڪاٺي، ٻيڙيءَ جي پوئين مرڪزي ڪاٺ.

stern sheet (اسٽرن شيٽ) n the part of a boat between the stern and the rowers.ٻيڙي هلائڻ وارن جي پٺيان وارو ٻيڙيءَ جو حصو.

sternson (اسٽرن سن) n the hinder extremity of a ship's keelson, to which the sternpost is bolted.جهاز جو بلڪل آخري چيرڙو جتي اُن جي مرڪزي ڪاٺ چيرڙو ڪري.

sternum (اسٽرنم) n the breastbone in humans, and the corresponding bone in other vertebrates; the under part of a somite in arthropods.سينو، ڪوڙي، ڇاتي، سيني جو هڏو.

sternutation (اسٽرنيوٽيشن) adj sneezing.ڇڪ اچڻ، نڇ اچڻ، ڇڪون ڏيڻ، ڇڪ.

sternutative or sternutatory (اسٽرنيوٽيٽو آر اسٽرنيوٽيٽري) adj that causes sneezing; a substance that causes sneezing. ڇڪ آور، نڇون آڻيندڙ دوا، نسوار، ناس.

sternway (اسٽرن وي) n the backward motion of a vessel.جهاز جي پوئين طرف واري چرپر، جهاز جي پوئتي هلڻ جو عمل.

sternwheeler (اسٽرن ويلر) n a small vessel with one large paddlewheel at the stern.ننڍي ٻيڙي جنهن جي پوئين حصي ۾ وڏو پيڊل وارو ڦيٿو لڳل هجي.

steroid (اسٽيرائڊ) n any of a class of compounds including the sterols, bile acids, adernal hormones, sex hormones, vitamin D, etc.الڪوحل نما مادو، پتي جو تيزابي مرڪب، ڪيميائي مرڪب مادو.

sterol (اسٽيرول) n a solid higher alcohol, such as cholesterol or ergosterol.گهاٽ الڪوحل مادو، همدو ڪيميائي مادو.

stertorous (اسٽرٽورس) adj with a snoring sound. کونگهري دار، کونگهري جهڙي آواز وارو.

stet (اسٽيٽ) n to restore after marking for deletion.ڪٽي وري شامل ڪرڻ لاءِ اشاراتي لفظ، ورائي ڏاهڻ، ٻيهر ڏاهڻ، ٻاهي ٻيهر ڏاهڻ، قائم، نشاني - تہ پل هجي، ڪيوني.

stethoscope (اسٽيٿواسڪوپ) n an instrument with which to listen to the sounds produce by the heart, lungs with a hollow circular part that is applied to the body wall, from which sound is transmitted by tubes into earpieces..سيني ٻين، ٻت، ڇاتي تپاسي، صدر ٻين. ڊاڪٽرن جاچڻ، اهڙو آلو يا اوزار جنهن جي مدد سان نبض يا دل جي ڌڙڪن ٻڌي سگهجي، ڊاڪٽرن جي ڳچيءَ ۾ اڪثر لڙڪيل اوزار.

stevedore (اسٽيو دور) n, vt, vi a person who loads and unloads shipping vessels; to load and unload cargo or a ship.جهازن تي بيٺل مزدور، بار کي لاهڻ چاڙهڻ وارو مزدور، گودي مزدور.

steven (اسٽيون) n a voice; an outcry..رڙ، دانهن، ڪوڪ، رڙيون واڪا، لڙ، راڙو راڙ، هل هنگامون، ڌمچر.

stevengraph (اسٽيون گراف) n, vt, vi a silk picture woven in colours.ريشمي ڌاڳن سان ڪپڙي تي اُڻيل رنگين تصوير.

stew[1] (اسٽيو) n, vt, vi a dish of food, esp meat with vegetables, cooked in water or a stock; a hole, a fix; a state of mental agitation; an overheated or sweaty state; a hot bath; a room for hot-air baths; a boiling pot; a brothel, or prostitute's quarters; a prostitute; someone who studies hard, esp unintelligently; to simmer or boil slowly with some moisture; to over-infuse (eg tea); to keep in a swelter or narrow confinement; to bathe in sweat; to bathe in hot air or water to swelter, esp in a confined space; to be cooked by stewing; to be in a state of worry or agitation; to study hard..يخني، قورمو، ٻوڙ، دمپخت، دم، اوٻارو، سيٺيل تيوڻ، ڪاڏو يا طعام خاص ڪري سبزين سان گڏ پڪل گوشت ، نيم پختو گوشت، هڪ سوراخ، جهل، روڪ، رڪاوٽ، بند، دماغي ڇڪتاڻ، گهٽو گرم ٽيل، يا مناج واري حالت، گرم پاڻيءَ سان وهنجڻ، گرم هوا سان وهنجڻ وارو ڪمرو، گرم پاڻي ڪرڻ وارو ٿانءُ، چڪلو، رنڊي، طوائف، ويشا، رنڊيءَ جي بيٺڪ، اهو ماڻهو جيڪو پڙهڻ ۾ محنت ڪري، ٻاڦ سان گرم ڪرڻ، اوٻارڻ، ڪاڙهڻ، گرمائڻ، رڌڻ، دمپخت ڪرڻ، دمڻ، مونجهارو.

stew[2] (اسٽيو) n a fish pond; a fish tank; an artificial oyster bed.مڇين جو تلاءُ، مڇيون رکڻ لاءِ وڏو ٿانءُ، سپيون پالڻ لاءِ هترادو تيار ڪيل زميني ڪڏ يا تلاءُ.

steward (اسٽيورڊ) n a person who manages the domestic concerns of a family or institution; one who superintends another's affairs, esp an estate or farm; the person who oversees catering arrangements and general passenger comfort on a ship, aircraft; a male member of the team responsible for these; a college caterer; someone who helps in arrangements, marshalling, at races, a dance, a wedding, an entertainment; an overseer; a foreman; the treasurer of a congregation, guild, society; a shop steward..گهريلو منتظم، سنڀاليندڙ، سربراهه، گهر جو وڏو،مودي، اهڙو ماڻهو جيڪو ڪنهن خاندان يا اداري جي اندروني معاملات کي سنڀاليندڙ هجي، پاڻيءَ جي جهاز يا هوائي جهاز ۾ مسافرن جو ڌيان رکندڙ عملي جو ماڻهو، عام مختيار، پنداري، دعوتن وغيره ۾ ڪاڏي پيتي جو انتظام ڪندڙ، مير سامان، داروغو.

stewardess (اسٽيورڊيس) n a female steward, esp on a ship or aircraft. خدمتگار عورت، عورت جيڪا جهاز يا ٻيڙي ۾ ڪم ڪندڙ هجي، مددگار.

stewardship or stewardry (اسٽيورڊ شپ آر اسٽيورڊري) n the office of a steward; management; the individual's function in the practical work of church. نظارت، ناظر يا منتظم جو عهدو، سار سنڀال ڪندڙ ادارو، ڪنهن ماڻهوءَ کي ڏنل يا حوالي ڪيل چرچ يا ديول جو ڪم.

stewartry (اسٽيورٽري) n a stewardship or the extent of a stewardship. مددگار يا ناظر واري ملازمت يا عهدو.

stewed (اسٽيوڊ) adj cooked by stewing; (of tea) overinfused; drunk. رڌ پچاءُ ڪرڻ، رڌيل، دم پخت ڪيل، دميل. (چانهه) تمام تيز ڪيل، وڌيڪ ڪاڙهيل، پيتل، نشي ۾.

stewpan or pot (اسٽيو پين آر پاٽ) n a pan or pot used for stewing. رڌ پچاءُ ۾ ڪم ايندڙ ٿانوُ، ٿالهي، تئو، فرائي پان، ديڳڙي، ديڳڙو، پاتيلي، سبري، ڪُني، ڪنو.

sthenic (اسٿينڪ) adj strong, robust; morbidly active. مضبوط، رعب وارو، وڻندڙ، چست، سگهارو، سودائي.

stiacciato (اسٽياچياٽو) n very low relief, as on coins (Ital). تمام گهٽ ابريل چٽ يا نقش.

stibbler (اسٽبلر) n a horse turned out to feed on stubble; a person who cuts the handfuls left by the reaper, a probationer. ٻنيءَ يا ناڙ تي چرندڙ گهوڙو، ٻٽيون لڻڻ يا ڪڍڻ، ڪٽون چرندڙ، ٻٽ چرندڙ گهوڙو، تربيتي عملدار يا ڪارڪن.

stibialism (اسٽيبئلزم) n antimony poisoning. سرمي ذريعي زهريلو، سرمائي، سرمي جهڙو، سرمي مثل، زهريات.

stibine (اسٽيبائين) n antimony hydride, a poisonous gas سرمي گئس، زهريلي گئس، سرمي جي معدنيات، ڪاري معدنيات.

stibium (اسٽيبيم) n antimony. سرمو (معدنيات).

stibnite (اسٽبنائيٽ) n native antimony trisulphide. ناسي رنگ جو جواهر، لوهه، ايليو مينا ۽ سليڪا جو مرڪب.

sticcado or sticcato (اسٽيڪاڊو آر اسٽيڪاٽو) n a kind of xylophone. ڪاٺ جي ٺهيل باجي جو قسم.

stich (اسٽچ) n. a line of verse, or section of prose of comparable length بيت يا جملي جي هڪ سٽ، شعر جي هڪ سٽ، لکت جي هڪ سٽ يا جملو، مضمون جي هڪ سٽ يا جملو.

sticharion (اسٽچيرين) n a Greek vestment like the Western alb. يوناني پوشاڪ، ڪوٽي، واسڪوٽ.

sticheron (اسٽچيران) n a short hymn. ننڍو شبد، ڀڄن، گيت، دعا.

stichic (اسٽچڪ) adj of or pertaining to stichs. شعر يا بيت جي هڪ سٽ جي باري ۾، شعر بابت، هڪ سٽي لکت بابت.

stichidium (اسٽچڊيم) n a branch producing tetraspores, in red seaweeds. اهڙي شاخ جيڪا چوتخمڙي هجي، چوتخمڙي شاخ.

stichology (اسٽڪولاجي) n matrical theory. شعرن جي بيهڪ جو اصول، شاعريءَ يا سر ۾ لکت بابت اصول.

stichometry (اسٽڪو ميٽري) n measurement by lines; division into lines (often of a prose text into lines that mimic verse, units of meaning with a regular rhythm); a statement of such measurements. لڪيري پيمائش، ليڪن واري ماپ، ليڪن واري ورهاست، جملي وار ورهاست، شعر جي سُرَ جي حساب سان ورهاست.

stichos (اسٽڪاس) n a stichometric line of a manuscript; a verse or versicle. هڪ سر ۾ لکيل سٽ، سر واري بيت جو هڪ مڪمل حصو.

stonecrop (اسٽون ڪراپ) **n** any plant of the crassulaceous genus; any similar plant that grows on rocks and walls. پٿر ول، پٿر بيل (ٻوٽو)، اهڙي ول جيڪا پٿرن ۽ پٿرن مٿان پکڙجي وڃي.

stone curlew (اسٽون ڪرليو) **n** a large ploverlike wading bird, that habitually nests on stony ground. وڏو پکي جيڪو عادتاً پٿريلي جاءِ تي آکيرا ٺاهيندو آهي، ڪروانڪ، سينڌارو، ٻليارس، ڪروانڪ پکي.

stone cutter (اسٽون ڪٽر) **n** a person who hews stone; a machine for dressing stone. پٿرن کي ڪٽڻ وارو ماڻهو، پٿرن کي خوبصورت بڻائيندڙ ماڻهو يا مشين، پٿر ساز، سنگ تراش.

stoned (اسٽونڊ) **adj** having or containing a stone or stones; with the stone or stones removed; very drunk, or very high on drugs. پٿريلو، پٿر ڀيل، پٿر رکيل، پٿر لڪتل، سنگسار ڪيل، گهڻو پيتل، گهڻي دوا پيتل، سخت جان، ڪڪڙيءَ يا سخت ٻج وارو، ٻج وارو يا ٻج لڪتل.

stone-dead (اسٽون ڊيڊ) **n** dead as a stone, completely lifeless. پٿر پاهڻ ٿيل، پٿرايل، ختم ٿيل، مئل، مري ويل، پٿر وانگر ٿيل، بي روح.

stone-deaf (اسٽون ڊيف) **n** completely deaf. ٺپ ٻوڙو، چٽ ٻوڙو.

stone falcon or stone hawk (اسٽون فيلڪن آر اسٽون هاڪ) **n** the merlin, from its habit of using a stony outcrop as a 'plucking-post'. پٿر باز باشو يا باز جي جنس جو پکي جيڪو پٿريليءَ جڳهه تي ٽڪ ٽڪ ڪندو يا ڪوليندو آهي.

stonefish (اسٽون فش) **n** any poisonous tropical scorpaenid fish, which resembles a stone on the seabed. پٿر صورت زهريلي مڇي.

stonefly (اسٽون فلاءِ) n a plecopterous insect whose larvae live under stones in streams. پٿر مک، پٿرن ۾ وهندڙ جيت يا مک.

stone fruit (اسٽون فروٽ) n any fruit with a stone, a drupe. ککڙيءَ وارو ميوو، کوکڙي ميوو، ڪوڪلي يا ٻج وارو ميوو.

stoneground (اسٽون گرائونڊ) n (of flour) ground between millstones. (اٽو) پٿرن سان پيسل چڪيءَ يا جنڊ ۾ پيٺل.

stonehammer (اسٽون هئمر) n a hammer for breaking stones; a hammer with a stone head. ڌمڪ، وڏاڻ، ولوهڙ، پٿرن ڪٽڻ وارو وڏاڻ، تيشي، هٿوڙو، مترڪو.

stonehand (اسٽون هئنڊ) n an imposer, a person who sets the type in the chase. لڳائيندڙ، نشان لاهيندڙ، اکر جوڙيندڙ، ڇاپيندڙ، ڇاپي جو مواد تيار ڪندڙ.

stonehorse (اسٽون هارس) n a stallion. ٻيجي گهوڙو، لڱ وارو گهوڙو، نسلي واڌ لاءِ ٻيهاريل گهوڙو.

stone-lily (اسٽون للي) n a fossil crinoid. اڳين زماني جو پٿر صورت ۾ مليل گل.

stone loach (اسٽون لوچ) n a scaleless, bottom living fish of European rivers and sometimes lakes. چلرن کان بغير يورپ جي دريائن ۾ رهندڙ مڇي.

stone marten (اسٽون مارٽن) n a white-breasted marten of European woodland; its highly valued fur. ايشيا ۽ يورپ جي صنوبري جهنگلن جو هڪ سهڻو کير ڌارائيندڙ جانور، برفاني جابلو نور، برفاني ڪستوري نور.

stone parsley (اسٽون پارسلي) n an umbelliferous plant similar to parsley, with aromatic seeds. اجمود، جعفري، خراساني جاڻ ٻوٽو، چنيءَ جهڙو ٻوٽو، خوشبودار ٻجن وارو ٻوٽو.

stone-pine (اسٽون پائين) n a Mediterranean pine with umbrella-shaped branches and edible seeds or nuts. ميڊيٽرينين علائقي جو صنوبر وڻ، کاڄرو ميوي جو وڻ.

stone-pit (اسٽون پٽ) n a quarry. ٻج، کاڻ، کوکڙي کاڻيو، چگهه، کاڻ، پٿر جي کاڻ، تخمي کڏ، ٻج جو چگهه، ککڙيءَ جو ٻور يا خال.

stone plover (اسٽون پلوور) n another name for the stone curlew. پٿريلي ٽوليءَ واري پکيءَ جو ٻيو نالو، ڪروانڪ، سينڌارو، پليارس يا ڪروانڪ پکي.

stoneraw (اسٽون را) n a lichen yielding a dye. سينور مان نهيل، رنگ ڏيندڙ سينور يا ڪائي ٻوٽو.

stonesaw (اسٽون سا) n a toothless saw for cutting stones. ڏندن بنان ڪاراٺي جنهن سان پٿرن کي ڪٽجي، پٿرن کي ڪٽڻ واري ڪاراٺي، لسي بليڊ واري ڪاراٺي، پٿر ڪٽڻ واري لوهي گول چڪري.

stoneshot (اسٽون شاٽ) n a stone's-throw; stones or a stone used as shot. ننڍي پٿر سان ڌڪ هڻڻ، پٿرن کي ڌڪ هڻڻ لاءِ استعمال ڪرڻ.

stonesnipe (اسٽون سنائيپ) n a N American plover. آمريڪا جو ٽولياري پکي، آمريڪي ٽيٽو پکي، جابلو لڪ پکي، اسنف پکي.

stone's-throw (اسٽونس ٿرو) adj the distance a stone may be thrown, hence a fairly short distance. ننيو مفاصلو، ڳوري يا وزن واري شيءِ کي اڇلائڻ جيترو مفاصلو، سڌ پنڌ، پٿر پهچائڻ جيترو پنڌ، يا مفاصلو.

stonewall (اسٽون وال) vt, n to hold up progress; (in parliament) by obstructing discussion, (in cricket) by playing extremely defensively. روانگي، ڪارڪردگي، يا ڪنهن وهنوار کي بيهارڻ، (پارليا مان ۾) بحث هيٺ معاملي کي رنڊائڻ، (ڪرڪيٽ) راند ۾ بچاءُ وارو کيڏڻ.

stoneware (اسٽون ويئر) n a coarse kind of pottery baked hard and glazed; a high-fired, vitrified, non-porous ceramic material or objects made of it. پٿرن مان ٺهيل ٿانو، پٿريلا ٿانو، شيشي جا پٿر وانگر مضبوط ۽ ٿلها ٿانو.

stone-washed (اسٽون واشڊ) adj (of new clothes) given an old faded appearance using small pieces of pumice. سخت ڏوپ ڪيل ڪپڙا، پراڻي فيشن جي سبب ڏنل ڪپڙا، ڪي قدر رنگ لٿل ڪپڙا، هترادو ڦٽايل يا داڳي ڪيل ڪپڙا.

stonewort (اسٽون ورٽ) n. any plant of the Characea (from the limy crust); stone parsley. اجمودي ٻوٽو، جعفري ٻوٽو، خراساني جاڻ ٻوٽو، چنيءَ جهڙو ٻوٽو.

stonker[1] (اسٽونڪر) vt to kill, destroy, overthrow, thwart. مارڻ، ختم ڪرڻ، برباد ڪرڻ، ڦٽي ڪرڻ، آڏو اچڻ، آڏو ڦرڻ، رنڊڻ، برخلاف وڃڻ.

stonker[2] (اسٽونڪر) n an extremely big, impressive, one of its kind, a whopper. تمام وڏو، وڏي ماپ وارو، اثرائتو، مؤثر، اهڙي قسم جو، ستيندڙ، ڪنيندڙ، پنهنجي قسم جو هڪڙو، عجيب.

stonkered (اسٽونڪرڊ) adj utterly defeated or exhausted. ٿڪل، بري طرح شڪست کاڌل، سراسر شڪست ڏنل.

stonking (اسٽونڪنگ) adj considerable; exciting; (as an intensifier) extremely. گهڻو خيال ڪرڻ، جوش ڏيارڻ، جاڳائڻ، چشڪي دار، انتهائي ولندڙ.

stony (اسٽوني) adj of or like stone; abounding with stones; hard; pitiless; obdurate; rigid; petrifying; stone-broke. پٿر وانگر، پٿريلو، گهڻن يا جهجهن پٿرن وارو، سخت، ڪڪرالو، پٿريل، بي رحم، ضدي، هوڏي، ڪنور، سنگين، پٿرائو، جابلو، ٽاڪرو، ککڙي دار، ڪڪڙيءَ وارو (ميوو).

stony-hearted (اسٽوني هرٽيڊ) n hard-hearted. سخت دل، بي رحم، ننر، سنگ دل، ڪاسائي، نردئي، ڪنور، هٺيلو، ضدي.

stooge (اسٽوج) n a performer speaking from the audi-

torium; an actor who feeds lines to a comedian, and is used as the butt of the jokes; a subordinate or drudge; a scapegoat.. اسٽيج تي صداڪاري ڪندڙ. اداڪار. مسخري جي مسخري ۽ لاءِ ڳالهائيندڙ اداڪار. زيردست. معمولي ڪارندو. ايجنٽ. ٻئي جي پاران لوڙيندڙ. قربانيءَ جو ٻڪرو.

stook (اسٽوڪ) **n, vt** a group of sheaves, set up in the field; to set up in stooks. ڏانڊي. ٽڙي. ڏوڏو. سٿو. مڙهين جو ڍڳ. اجهاڳ. ٻنيءَ ۾ اناج جي ڪانن کي سڪائڻ دوران مڙهين کي اهرام جي صورت ۾ ٺاهي رکڻ.

stool (اسٽول) **n, vt, vi** a chair, seat of authority or dignity, throne; a seat without a back; a low support for the feet or knees; a seat used in evacuating the bowels; hence, defecation; faeces; a stand; a tree or shrub cut back to ground level and allowed to produce new shoots; a stump from which sprouts shoot up; a growth of shoots; the wicket in stoolball; a piece of wood to which a bird is fastened as a decoy in hunting; to evacuate the bowels; to put forth shoots; to lure wild fowl with a stool. منجي. چوڪي. صندلي. بنا ٻانهن جي ڪرسي. موڙو. ٽپائي. مهدو. درجو. گادي. پيرن رکڻ جي صندلي. ڪاڪوس يا پاخاني جي ڪرسي. ڪموڊ. ڪاڪوس. ٽورو. پاخانو. دست. گوهه. ڦوسو. لاهه. ڪٽ. ٻٽ. ڦٽل لاهه. وڻ جو ٿڙ جنهن مان شاخون ٽاريون يا ڪونج ڦٽي نڪرن.

stool pigeon (اسٽول پيجن) **n** a decoy pigeon; a decoy; a police informer. نقلي يا هٿرادو ڪبوتر. نقل. پکين کي ڦاسائڻ لاءِ هٿراڊو پکي. پوليس جو مخبر. خبرداري ڪندڙ. جاسوس. چغلخور. خبر گيري ڪندڙ.

stoop[1] (اسٽوپ) **vi, vt & n** to bend the body forward; to lean forward; to submit; to lower oneself by unworthy behaviour; (of a bird of prey) to swoop down; to bend, incline, lower or direct downward; a bending of the body; inclination forward; descent; condescension; a swoop.. جهڪڻ. لوڙڻ. مطيع ٿيڻ. آڻ مڃڻ. شڪست قبولڻ. نوڙڻ. نمڻ. لوڻ. پيش پوڻ. نيچ لوائڻ. ڪبڙو ٿيڻ. نياز ڪشي ڪرڻ. لوڙت ڪرڻ. جهڪائڻ. لوڙائڻ. ڪڪ. لوڙت. نياز ڪشي. نمرتا. لامارو. ڪٻ.

stoop[2] (اسٽوپ) **n** a raised platform, verandah, porch, or set of outside steps leading to the front door of a house.. ٿلهو. اسٽيج. دڙو. ورانڊو. پورچ. گهر جا ٻاهريان ڏاڪا. ڏيڍي. مٿاهين جاءِ.

stoop3 or **stoup** (اسٽوپ) **n** a post; a prop, supporter, patron; a massive supporting pillar of coal in a mine.. چوڪي. جهلو. ٽيڪ. مدد. سهارو. مددگار. همراهي. ساٿي. پرجهلو. سرپرست. سهاڳا ڪندڙ. مربي. ٻڪي. الڪرامي.

stoor, stour, sture or **stowre** (اسٽور) **adj** great, formidable; stiff, harsh, austere; stubborn, obstinate, surly.. ڪهنو وڏو. ڊکهو. اتم. مها. ڳرو. ٿل. ڳهير. عالي. اعظم. شاهي. ڪبير. هيبت جهڙو. ڏاڍو جبرو. سخت. مشڪل. اڙڪو. ضدي. ڪرڙو. کهرو. اکرو. خستو. ڪڙالو. ڪنو. ڪسارو. ڪٺور. رياضي. تپشي. رکو. وولڪو. بيڙو. اڙ. هوڏاڪو. لٺر. ڍٺر. لحس. شدلي. آلونو. هوڏي. وهٽ. آهنڊ. ٽرجو. ضدي. هٺيلو. کهکهير. چتو. هڙڪيو. چهڙائتو.

stooshie (اسٽوشي) **n.** fuss, ado, disturbance; frolic.. ريڪڙ. آبو بحر. ڪتراڪ. ڳالهوڙو. اجايو ڪوڙ. دودڙيو. هل هنگامو. خرخسو. جهڪوڙ. ڏقيڙ. مولجهارو. وڪوڙ. گهمسان. بي آرامي. ڦيٿاڙو. رولو. خلل. بکيڙو. ٺينگ. لپو. رؤنشو. تماشو.

stop (اسٽاپ) **vt, vi & n** to cause to cease; to bring to a standstill; to hinder or prevent the passage of; to prevent; cease from, leave off, discontinue; to obstruct; to snuff, block, plug, choke, close up; to thrust, cram; to bring down, hit with a shot; to withhold; to restrain; to limit the vibrating length of esp by pressure of a finger; to punctuate; to pinch off; to adjust the aperture of, with a diaphragm; to place a pause in, esp at the end of a line or couplet; to make fast by lashing; to come to a standstill, halt; to cease; to desist; to come to an end; to stay, tarry, sojourn; act of stopping; the state of being stopped; cessation; a halt; a pause or interruption; a halting-place; hindrance; obstacle; a contrivance that limits motion; a card that interrupts the run of play; a diaphragm; a knob operating a lever for bringing them into use; a mechanism on a harpsichord for bringing particular strings into play.. منڊڻ. ٿمڻ. جهلڻ. پورڻ. بند ڪرڻ. پلڻ. اٽڪائڻ. روڪڻ. (ٽنگ) پرڻ. بيهڻ. ابهڻ. بند رکڻ. ٻهارڻ. رلڊڻ. بند ٿيڻ. بيهي وڃڻ. رهڻ. ترسڻ. ٺهرڻ. (ڪنهن وٽ) لهڻ. ڪنجڻ. ڏيوالو ڪڍڻ. اٽڪاءُ . لڙ. روڪ. بيهي وڃڻ. بند ٿي وڃڻ. بيهڪ جي نشاني. پورو دم. پل. جهل. روڪ. بندش. اڙ. پردو. ٻچو. سرلدي جهڙي ساز جو اوزار جنهن وسيلي گهربل تار کي ڇيڙي سگهجي.

stopbank (اسٽاپ بئنڪ) **n** an embankment built to prevent a river flooding. بند. ڪپر.

stopbath (اسٽاپ باٿ) **n** a substance in which a photographic negative or print is immersed in order to halt the action of the developing solution. فوٽو صاف ڪرڻ وارو ڪيميائي مادو.

stop cock (اسٽاپ ڪاڪ) **n** a short pipe opened and stopped by turning a key or handle; the key or handle. ٻنجي. نلڪو. لوني. ٻوچ. پيچ. نلڪي واري لولي. هٿيو.

stop-drill (اسٽاپ ڊرل) **n** a drill with a shoulder limiting the depth of penetration. بند برمو. روڪ برمو. خودرو بند برمو. مقرر حد تائين سوراخ ڪرڻ وارو برمي جو نظام.

stope (اسٽاپي) **n, vt** a steplike excavation in mining; to excavate, or extract in this way. ڏاڪي جهڙي ٻيهڪ واري کوٽائي، ڏاڪن صورت کوٽائي ڪرڻ.

stopgap (اسٽاپ گئپ) **n, a, adj** a temporary expedient or substitute. وقتي، هٿ ٺوڪيو، وقت ٽپائو، ضرورت هيٺ تيار ڪيل يا ٻيهاريل.

stop-go (اسٽاپ گو) **adj, n** (of policy) alternatively discouraging and encouraging forward movement; a stop-go economic policy etc. ٻيهارڻ ۽ هلائڻ وارو عمل. ٻيهه وڃ، ٻيهه نه وڃ وغيره.

stoplight (اسٽاپ لائيٽ) **n** a brake light on a vehicle; a traffic light. موٽر گاڏيءَ جي بريڪ لڳڻ وقت پويان ٻرندڙ بتي، بريڪ بتي، روشني روڪ، روشني بند. گاڏين کي روڪڻ يا ٻيهارڻ واري لال بتي.

stop-off (اسٽاپ آف) **n** a stopover. ٻيهڪ، ٿوري وقت لاءِ ترسڻ. رات ڪٽڻ، ساهي پٽڻ، ساهي.

stopover (اسٽاپ اوور) **n** a break in a journey, esp a short stay overnight in the course of a journey. ٻيهڪ، ٿوري وقت لاءِ ترسڻ، رات ڪٽڻ، ساهي پٽڻ، منزل ڪرڻ، ٽڪ لاهڻ، ٽڪ پچڻ، آرام ڪرڻ.

stoppage (اسٽاپيج) **n** act of stopping; the state of being stopped; a stopping of work, as for a strike; obstruction; an amount stopped off pay. جهل، روڪ، اٽڪ، الڪاءُ، بندش، رڪاوٽ، رنڊڪ، سيڙاپو، سيڙ، رنڊ، پاڃو. ممانعت، ڪاٽ، پنجڻ، پگهار مان روڪيل رقم.

stopper (اسٽاپر) **n, vt** a person who stops; that which stops; a plug; a plug for a bottle; a short rope for making something fast; to close or secure with a stopper. روڪيندڙ، جهليندڙ، بند ڪندڙ، ٻوڄ، ڍڪو، ٻنجي، ٻولبو، ڍڪ، ڍڪڻ، روڪ، ڏاٽ، ٻنجو، ٻنجيءَ سان روڪڻ، رسي، جهلو.

stopping (اسٽاپنگ) **n** the action of one who or that which stops in any sense; stuffing or filling material, esp for teeth. روڪڻ يا رنڊڻ جو عمل، خال ڀرڻ وارو مال يا شيون، ڏندن ڀرڻ وارو مادو.

stopping-out (اسٽاپنگ آئوٽ) **n** selective use (of a protective covering against acids in etching, against light in photography) to create special effects. روشني يا ڪيميائي مادن جي ضرورت مطابق استعمال ڪرڻ جو عمل. (روشني) گهٽائڻ وڌائڻ.

stopping power (اسٽاپنگ پاور) **n** the energy loss resulting from a particle traversing a material. روڪ قوت، روڪ طاقت.

stopple[1] (اسٽاپل) **n, vt** a stopper; a plug; to stopper. ٻوڄ، ٻنجي، ٻنجو، ڍڪو، بوتل جي ٻنجي، ٻولبو، ڍڪ، ڍڪڻ، روڪ، ڏاٽ، روڪڻ، ٻنجڻ، جهلڻ، بندڻ.

stopple[2] (اسٽاپل) **n** a tobacco-pipe stem. تماڪ ڇڪڻ واري ڪاٺ جي پائيپ جي نلي يا نلڪي.

stop-press or stop press (اسٽاپ پريس) **n** late news inserted in a newspaper after printing has begun; a space for it. دير سان مليل تمام اهم خبر کي اخبار ۾ ڇپڻ. خبرون ڪيڏي جاءِ ڏيڻ، اخبار ڇپڻ مهل پهتل خاص خبر.

stop valve (اسٽاپ والو) **n** a valve closing a pipe against the passage of liquid. روڪ ڍڪڻ، خودرو ڍڪڻ، ٽوٽي.

stop volley (اسٽاپ والي) **n** a checked volley close to the net, dropping the ball dead on the other side (tennis). ٽينس رانڊ جو هڪ ڌڪ جنهن ۾ بال نيٽ جي تمام ڀرسان يا ويجهو ڪري.

stopwatch (اسٽاپ واچ) **n** an accurate watch readily started and stopped, used in timing a race, etc. روڪ گهڙي، بند گهڙي، اهڙي واچ جيڪا ضرورت وقت هلائي ۽ بند ڪري سگهجي.

storage (اسٽوريج) **n** placing, accommodation, reservation, or safe-keeping in store; reservation in the form of potential energy; the keeping of information in a computer memory unit; charge for keeping goods in store. گدام، ڀانڊو، سٽڻ جي جاءِ، گنجائش، پرتي، سٽ، سٽڻ، گدام جو محصول، ذخيرو، ڀنڊار، مال ڀرائي، سانڍڻ، ڪمپيوٽر ۾ معلومات وجهڻ جي گنجائش.

storage battery (اسٽوريج بيٽري) **n** an accumulator. ذخيري بيٽري، بجلي ذخيرو ڪندڙ بيٽري.

storage capacity (اسٽوريج ڪئپيسٽي) **n** the maximum amount of information that can be held in a computer store. (ڪمپيوٽر ۾) معلومات ذخيرو ڪرڻ جي گنجائش.

storage device (اسٽوريج ڊوائس) **n** any of several pieces of computer equipment, such as magnetic disks, on which data may be stored. ڪمپيوٽر جا اهي حصا جن ۾ معلومات رکي سگهجي، ڪمپيوٽر رستي معلومات ذخيرو ڪرڻ جا وسيلا.

storage heater (اسٽوريج هيٽر) **n** an electric heater with a large thermal capacity that accumulates and stores heat during the off-peak periods and releases it over a longer period. گرميءَ کي ذخيرو ڪرڻ وارو نظام جنهن رستي ضرورت وقت ان کي استعمال ۾ آڻي سگهجي.

storax (اسٽورئڪس) **n** the resin of any of the tropical trees or shrubs, once used in medicine. سلاجيت، خوشبودار کٿولر، سلارس.

store (اسٽور) **n, adj, adv, vt** a hoard; a stock laid up for future use; sufficiency or abundance of necessities; keeping; a storehouse, warehouse; a ship; a cooperative shop or one with many departments or branches; an animal being fattened for the market; livestock; value, esteem; a computer memory unit,

in which programme and data are stored; supplies or provisions, ammunition, for an army, ship; in abundance; of a store; (of animals) brought or kept for fattening; sold or purchased in a shop; to furnish or supply; to lay up, keep in reserve; to deposit in a repository; to give storage to; to put data into a computer memory. گندي، ڍير، سٽ، البار، گنج، ذَل، ڪيچ، ڪوڙ، موجودات، رسد، سامان سڙو، گدام، پانڊو، پنڊار، ذخيري گاهه، سرتڻ، سامان سڙو، هٿيار، بارود، ڪمپيوٽر ۾ وڌل معلومت جو ذخيرو، سيڌو سامان، سامگري، انبار خانو، وکار، گدام، پاڻلو، گدام جي ڪوٺي، انبار دان، گدام ۾ رکڻ، ميڙي رکڻ، ڪٺو ڪرڻ، سانڍڻ، دل ۾ سانڍڻ، سٺو ڪرڻ، سٽڻ، (۾) ماپڻ، ڊيپو، رسد جي جاء، (ڪمپيوٽر ۾) معلومات رکڻ وارو حصو ۽ ان جي گنجائش، بچائي رکڻ، سانڍڻ، ڏکئي وقت لاء گڏ ڪرڻ.

storefarm (استورفارم) n a stock farm, a cattle farm. مال جو فارم، جانورن جو فارم، مال جو واڙو يا وٿاڻ.

storefront (استور فرنٽ) n the façade of a shop or store. دُڪان جو منهن، مارڪيٽ جو لنگهه.

storehouse (استور هائوس) n a house for storing goods of any kind; a repository; a treasury. گدام، پانڊو، وکار، پنڊار، انبار خانو، مال خانو، مال گودام، ذخيري گهر.

storekeeper (استور ڪيپر) n a man incharge of stores, eg in a warehouse; a shopkeeper. محافظ گودام، سامان رکندڙ، ذخيري دار، گدام جو نگهبان، انباردار، انبارچي.

storeman (استور مئن) n a storekeeper; a person who looks after stores or a storeroom. محافظ گودام، سامان جو رکوالو، گدام جو نگهبان، چوڪيدار، انباردار.

storeroom (استور روم) n a room in which stores are kept; space for storing. گدام، پانڊو، ڪوٺي، سامان خانو، پاڻلو، مال خانو، گدام، گدام جي ڪوٺي.

storeship (استور شپ) n a vessel used for carrying naval stores. فوجي رسد جو جهاز.

storey, story (استوري) n all that part of a building on the same floor; a tier. طبقو، ماڙي، منزل، جاء جو هڪ فرش وارو حصو، طبق، صف.

storiated (استوريئيٽيڊ) adj decorated with elaborated ornamental designs. سينگاريل، سنواريل، زيورن سان آراستو يا سينگاريل، گلن ڦلن سان سينگاريل ڪاغذ يا پنو.

storiology (استوريئولاجي) n the scientific study of folk tales. لوڪ ڪهاڻين جو سائنسي اڀياس.

stork (استارڪ) n any large wading bird with a sturdy bill and legs, eg the white stork, widely distributed in Europe, Asia and Africa; the bringer of babies. يورپ، ايشيا ۽ آفريڪا جو اڇو لق لق پکي، ٻگهه پکي، ٻار آور، ٻاگ آور.

stork's bill (استارڪس بل) n any plant of the genus Erodium closely related to the geraniums, having elongated beaked fruits and small saucer-shaped, pink, yellow or purplish-red flowers. لقلق پکيء جي چهنب سان مشابهه پن وارو گلابي، پيلن، ڳاڙهن ۽ قرمچي رنگ گلن وارو ٻوٽو.

storm (اسٽارم) n,vi, vt a violent disturbance of the weather with high winds and rain, snow, hail and/or thunder and lightning; a tempest; any intense meteorological phenomenon; a heavy fall of snow, rain, hail; a violent commotion or outbreak of any kind; a paroxysm; a violent, direct assault; to be stormy; to rage; to rush violently or in attack; to upbraid angrily; to take or try to take by assault; to disturb by a storm. طوفان، آنڌي ، تيز هوا، جهڪ، انڌاري، جوهيڪار، واچ، واچوڙو، اوڙڪ، وسڪارو، ڍوئو، بس، شور، هنگامو، گجڻ، طوفان لڳڻ، هل، ڪوڙ حملو، (ڪارين جو) ڌوڙيو، سٽڪو، ڦهڪو، جلهه، جلهه ڪرڻ، چڙهي اچڻ، اگرائي ڪرڻ، حملو ڪرڻ، آپي کان ٻاهر ٿيڻ، جوش ۾ اچڻ، غصي ٿيڻ، هوش کان نڪرڻ.

stormbeach (اسٽارم بيچ) n shingle or sand thrown up by heavy seas beyond the level of normal tides. بحري طوفان ڪري سمنڊ جي ڪناري تي گڏ ٿيل واري.

stormbeaten (اسٽارم بيٽن) adj beaten by repeated storms. طوفانن ماريل، طوفانن ورتل، طوفانن سٽيل.

stormbelt (اسٽارم بيلٽ) n an area extending around the earth in which storms are frequent. طوفاني خطو، طوفاني علائقو، ڌرتيء جي مٿاڇري تي طوفانن سان ڀريل علائقو.

stormbird or **storm petrel** (اسٽارم برڊ آر اسٽارم پيٽريل) n a petrel. سامونڊي پيٽرل پکي، ٽيوب يا نلڪي نڪ بطريل پکي.

stormbound (اسٽارم باؤنڊ) adj delayed, cut off, confined to port by storms. طوفان ڪري رنڊيل، ڪٽيل، بنديل، طوفان ڪري ڪناري يا بندر تي بيٺل، لنگر انداز ٿيل.

storm cellar (اسٽارم سيلار) n an underground shelter affording protection against hurricanes etc. زمين دوز جڳهه جتي طوفان يا جنگي حالت ۾ پناهه ولي سگهجي، زمين دوز پناهه گاهه، تهه خانو، ٻهرو.

stormcentre (اسٽارم سينٽر) n the position of lowest pressure in a cyclonic storm; any focus of controversy or strife. طوفان يا واچوڙي جو مرڪز، ڪنهن ڏنڌي يا جهڳڙي واري جڳهه، ڏنڌي وارو مرڪز، وڳوڙ جو مرڪز.

storm-cock (اسٽارم ڪاڪ) n the mistel thrush. طوطي پکي، ٻولڻو پکي، جابلو ليلو، هيڙو، مسٽل طوطي پکي.

storm collar (اسٽارم ڪالر) n a high collar on a coat, jacket that may be fastened tightly around the neck. وڏي ڪالر وارو ڪوٽ يا واسڪوٽ.

storm cone (اسٽارم ڪون) n a black canvas cone or cones hoisted, eg at coastguard stations, as a

storm signal, the position of the cone or cones signifying the direction of the wind.سامونڊي ڪناري تي لڳل گول ويڙهيل جهنڊو جنهن رستي هوا جي صورتحال ۽ طرف معلوم ٿيندو آهي.

stormcuff (اسٽارم ڪف) **n** an extra elasticated cuff let into the cuff opening of a jacket, to give extra warmth and protection. پٽو ڪف يا بانهوٽو.

stormdoor (اسٽارم ڊور) **n** an additional outer door used as protection in stormy weather.طوفاني موسم لاءِ محفوظ دروازو.

stormdrain (اسٽارم ڊرين) **n** a large drain for carrying away large volumes for rainwater.بارش واري پاڻيءَ جي نيڪال واري ڪسي، بارشي نالي، نٽن، نالو.

storm glass (اسٽارم گلاس) **n** a tube containing a solution supposed to change appearance with the weather. موسمي شيشو، مقياس موسم، طوفان پرکئو.

storm jib (اسٽارم جب) **n.** a small, strong sail carried at the front of the mast in very bad weather.خراب موسم ۾ لهرائڻ، چاڙهڻ يا استعمال ڪرڻ وارو سڙهه.

storm lantern (اسٽارم لئنٽرن) **n** a lantern with flame protected from wind and weather.طوفان يا تيز هوا کان محفوظ بتي يا لالٽين.

storm signal (اسٽارم سگنل) **n** a signal hoisted in warning of the approach of a storm.طوفان وقت بحري جهازن ۽ ٻيڙين کي اشارو ڏيڻ وارو خاص جهنڊو يا اشارو.

storm-stayed (اسٽارم اسٽيڊ) **adj** hindered from proceeding by storms. طوفان روڪيل، طوفان بنديل.

storm surge (اسٽارم سرج) **n** an unusual, rapid rise in tide level caused by a combination of low pressure over the sea and strong onshore winds.سامونڊي طوفان ڪري ڪناري تي پاڻيءَ جو اوچتو ۽ وڌيل چاڙهه، طوفان ڪري ڪناري تي ڇولين جو زور.

storm-tossed (اسٽارم ٽاسڊ) **adj** tossed about by storms; much agitated by conflicting passions. طوفان جو ستيل، آفت زده، آفت ستيل، اندروني خلفشار جو شڪار.

storm window (اسٽارم ونڊو) **n** a window raised above the roof, slated above and at the sides; an additional outer casement.طوفان کان بچاءَ خاطر لهرايل دري، ٻٽي فريم واري دري، ٻٽي شيشي واري دري.

stormy (اسٽارمي) **adj** having many storms; agitated with violent winds; boisterous; violent; passionate.جوشيلو، چڙلو، ڪروڌي، تپشو، ڏمرائتو، جوشي، ناٿي، جوش پريو، طوفاني، تيز هوادار، اندارڻ وارو، آڪرو (سمنڊ)، طوفان زده، تند مزاج، جهيڙاڪي،جهيڙاڪار، ڦڏي، هوڏي، ضدي، جهگڙالو، زور آور، زبردست، جبرائو، غضب ناڪ.

stornello (اسٽارنيلو) **n** an Italian folk verse form of three lines and often beginning with an invocation of a flower.اطالوي لوڪ بيت، ٽه سٽو لوڪ بيت، گل سان خطاب وارو ٽه سٽو اطالوي لوڪ شعر.

Storting or Storthing (اسٽارٽنگ) **n** a legislative assembly of Norway, comprising the Lagting and Odelsting. ناروي جي پارليامان (جنهن جا ٻه حصا آهن).

story (اسٽوري) **n, vt & vi** history; legend; a narrative of incidents in their sequence; a fictitious narrative; a tale; an anecdote; the plot of a novel or drama; a theme; an account, report, statement, allegation; a news article; a lie, a fib; to tell or describe historically, to relate; to adorn (a pot) with scenes from history..بيان، ورتانت، تاريخ، قصو، ڪهاڻي، ڪيفيت، آکاڻي، افسانو، ڪٿا، ڪهاوت، نقل، حڪايت، ڳالهه، ساکي، داستان، ابو بحر، ڪوڙ، زٽ، بيان، تاريخي حوالي سان ٻڌائڻ، بيان ڪرڻ، چوڻ، ورنن ڪرڻ، ورجائڻ، ڏهرائڻ، بيان ڪرڻ، آکاڻي ڪٿڻ، ٻڌائڻ، (ٿانءَ) تاريخي تصويرن سان سينگارڻ.

storyboard (اسٽوري بورڊ) **n** (a board on which is mounted) a series of rough sketches showing the sequence of film images to be used in an advertisement, cinema film, television programme. تصويري بورڊ جنهن رستي ڊرامي يا فلم جي ڪهاڻيءَ جي وضاحت ڪري سگهجي.

storybook (اسٽوري بوڪ) **n, adj** a book of tales true or fictitious, esp one for children; unreal, fantastic; rather luckier or happier than in real life. آکاڻين جو ڪتاب، ڪهاڻين جو ڪتاب، نقلن جو ڪتاب، عام زندگيءَ جي حالتن کان بهتر زندگي گذاريندڙ.

storyline (اسٽوري لائين) **n** the main plot of a novel, film, television series, or line along which the plot is to develop. ڪهاڻيءَ جو مرڪزي خيال.

storyteller (اسٽوري ٽيلر) **n** a person who relates tales; a liar.آکاڻيون ڪٿندڙ، ٻڌائيندڙ، زٽلي، ٻٽلي، نقل نويس، ڪوڙو، ٻهاني باز.

stoss (اسٽاس) **n** the side of a hill, crag or other feature facing upstream or towards the flow of a glacier. برفاني جبل جو اڳيو يا مٿاهون حصو.

stot[1] (اسٽاٽ) **n** a bullock, steer; a stupid, clumsy person. ڏاند، خصي ڏڳو، وهو ڏڳو، بي عقل، موڳو، چسو، منجهيل، ڄٽ، ڳنوار، سست، ڪنو، گدلو، اڍنگو، بي هنر، جڏو، اناڙي، بي ڊنگو، بي اٽالو.

stot[2] (اسٽاٽ) **vi, vt, n** to bound, bounce; to stagger, walk unsteadily; to walk with a spring step; to cause to bounce; a bounce, spring; a sharp blow; rhythm, beat.ٽپ ڏيڻ، چال ڏيڻ، ٽپا ڏيڻ، جهولڻ، ڳهڪڻ، اٿڙندو اچڻ، دل هڻڻ، ٻڏڻ ترڻ، ڏڪائڻ، منجهڻ، (هلڻ ۾) ٿابڙجڻ، جهولڻ، لوڏڻ، لوڏو، جهولو، دهل جو ڏڪو، ٽپ، چال، سر ۾

وچائڻ، ڏڏڪو.

stotinka (اسٽونڪا) n a Bulgarian unit of currency worth one hundredth of a lev (Bulg).بلغاريا جو لنيو سرڪاري سڪو.

stotious (اسٽوليس) adj drunk..پيتل، نشي ۾، مو ۾، الوٽ، ڏٽ.

stotter (اسٽاٽر) n a stagger, stumble; a person or thing that is admired, a smasher..لوڏو، ڏوڏو، ٿاٻو، خطا، لوڪر، اٿڙ، پير ڪسڪ، تعريف لائق ماڻهو يا شيءِ ،پڇ ڏاهي ڪندڙ، ولندڙ، ناهوڪو.

stound[1] or **stownd** (اسٽائونڊ) n, vi a period of time, movement; a time of trouble; a pang, an ache; an assault, stroke; a shock; a din; to shoot like a pang; to ache, throb..وقت، عرصو، مدو، هلچل، تحرڪ، چرپر، جوش، لهر، تڪليف جو وقت، ڏکيو وقت، سوٽ، سود، تڪليف، پيڙا، حملو، هلان، جلهي، ڪاهه، ڌڪ، جهٽڪو، گوڙ، لڪالوڪي، سٽ وانگر اپرڻ، سور جو چيڻ، سور ڪرڻ، ڌڪ ڌڪ ڪرڻ، ڦڙڪڻ.

stound[2] (اسٽائونڊ) vt to stun, astound; a stunned or astounded condition..ڪن ۾ ٽاڙيون وجهڻ، ستيون منجهائڻ، ميران ڪرڻ، پيسون منجهائڻ، بيهوش ڪرڻ، سن ڪرڻ، لهوڙڻ، ڪيسائڻ، عقل چرخ ڪرڻ، منجهائڻ، بيهوشيءِ واري حالت، ۾، سن ڪيل، بيهوش ڪرڻ.

stoup or **stoop** (اسٽوپ) n a bucket; a drinking vessel; a vessel for holy water.پيالو، ڪٽورو، پاڪ پاڻي ڪڻ لاءِ ٿانءُ، پوتر جل پاتر، صراحي.

stour, stowre or **stoor** (اسٽور) n battle, assault; tumult; turmoil; dust. جنگ، حملو، ڪاهه، هلان، جلهي، افراتفري، هل هنگامو، بکيڙو، هلڙ، ساچانگ، رڙ، هنيس، رامالو، ڌمچر، غلغلو، بي قراري، خرخسو، ممڻ، راماڻ، هل حشر، کپت، ڌوڙ، ڌوڙيو، مٽيءَ جو طوفان، دسڙ.

stoush (اسٽائوش) n a fight, brawl; a war; to fight. جهيڙو، جڳهڙو، ڦڏو، فساد، مارا ماري، مقابلو ، جنگ، ڪاهه، هلان، جلهي، حملوجهيڙو ڪرڻ وڙهڻ، ڪڙڪي سان وڙهڻ، جنگ ڪرڻ، چڙهي اچڻ.

stout (اسٽائوٽ) adj, adv, n resolute; dauntless; vigorous; enduring; robust; strong; thick; fat; fierce; proud, arrogant; unyielding; stubborn; stoutly; strong dark beer flavoured with malt or barley..ٺلهو، متارو، متڪو، جبرو، جاٺو، قوي، جنگ، جاڏو، پڪو، جهالو، سڏر، ڏلو متو، پتو، جتو، توتانگ، ستروتر، دؤلسو، ڏگ، چوبڪو، بت ۾ پريل، سخت، زبرست، مضبوط، بهادر، همت پريو، سورهه، سورمو، پهلوان، مردانو، بي ڊپو، نڊر، نرپو، شڪتي وان، ڏيا وان، رعب دار، ايماني، هٺيلو، مغرور، دماغي، فخر ولندڙ، هوڏي، اغماصي، اهنڪاري، ڪاهوڙي، شر، آمڙ، پڪو، پختو، ضدي، هوڏي، سخت ۽ تيز شراب جو قسم.

stouten (اسٽائوٽن) vt, vi to make, or grow, stout or stouter. سخت ڪرڻ، چارڻ، ٿلهو ڪرڻ، وڌائڻ، مضبوط ڪرڻ، پڪو ڪرڻ، ڏاڍو ڪرڻ.

stouth (اسٽوٿ) n theft. چوري، چوراڪاري.

stouthrie or **stoutherie** (اسٽوٿري) n theft; stolen goods; provision, furniture. چوري، چوريءَ جو مال، سامان، سڙو، راشن، ڪاٺو پيتو، فرنيچر، گهرو سنجت.

stouthrief (اسٽوٿريف) n theft with violence (only in a dwelling house). ڌاڙو، ڦر، ڦرڏاگيري، رهزني، گهر مان ڦر.

stovaine (اسٽووين) n a local anaesthetic, a substitute for cocaine, used for spinal analgesia.ڪنهن معمولي جڳهه يا عضوي کي سن ڪرڻ وارو مادو، نشي آور مادو، ڪنڊي يا بدن جي ڪنهن حصي کي سن ڪندڙ دوا.

stove (اسٽو) n, vt a closed heating or cooking apparatus; a fire-grate; a kiln or oven for various manufacturing operations; a hot-air bath; a heated room or chamber; a hothouse; to put, keep, heat, or dry in a stove; to stew.سگري، چلهو، چلهه، ڪل، ڀٺي، تنور، آتش دان، منگل، آوي، ڪوري، گرم هوا جي واس ولڻ واري جڳهه، گرم غسل خانو، گرم جاءِ، گرم ڪيل جاءِ، گرم ڪرڻ، پچائڻ، گرم جاءِ ۾ رکڻ، رڌڻ.

stove enamel (اسٽو اينامل) n a type of heatproof enamel produced by heating an enamelled article in a stove. گرم ڪري چاڙهڻ وارو رنگ.

stovepipe (اسٽو پائيپ) n a metal pipe for carrying smoke and gases from a stove; a tall silk hat.سگري يا ڀٺيءَ جي گرم هوا ۽ دونهون خارج ڪرڻ وارو نڙو، بخارو، چمني، وڏو ريشمي ٽوپلو.

stow[1] (اسٽو) vt, vi to place, put, lodge; to put away; to store; to put under hatches; to put down one's throat; to desist from; to pack; to have room for; to arrange; to hide as a stowaway; to be able to be stowed away when not in use..ٽانڪو رکڻ، ناهي رکڻ، ٽاڪڻ، پرڻ، سٽي رکڻ، سوگهو رکڻ، رهائڻ، پاسي تي رکڻ، تاڙيءَ ۾ بند رکڻ، گهڻ، ڳڙڪائڻ، پاسو ڪرڻ، بند ڪري رکڻ، لڪي مسافري ڪرڻ، چوريءَ سفر ڪرڻ، استعمال ۾ نہ هجڻ.

stow[2] (اسٽو) vt to crop. پوڪڻ، لڻڻ، ڪترڻ، قلم ڪرڻ، ڪپڻ.

stowage (اسٽوئيج) n act or manner of stowing; the state of being laid up; room for stowing; a place for stowing things; money paid for stowing goods; things stowed..رکڻ، سهيڙڻ، سانگوڙڻ، هٽيڪو ڪرڻ، پانڊو، گدام، رکائي، سامان جي ڪولي، ٽانيڪو رکڻ جي جاءِ يا طريقو، پاسي تي رکيل، غير استعمالي مال، فالتو مال يا سامان رکڻ جي جڳهه، جاءِ جو ڪرايو، گدام جو ڀاڙو، فالتو سامان، غير اهم مال، غير ضروري شيون.

stowaway (اسٽو اوي) n, vi a person who hides in a

ship, to get a passage; travelling as a stowaway; that can be packed up and stores, carried, etc.چوري، مسافري ڪندڙ. (بحري جهاز ۾) لڪي مسافري ڪندڙ. ڇپي سفر ڪندڙ. ڪٺي وڃڻ يا رکڻ لائق شيءِ.

stowdown (اسٽو ڊائون) n the process of stowing down in a ship's hold.بحري جهاز جي خانن يا جاين ۾ مال ڀرڻ جو عمل. جهاز ۾ مال جي ڀرائي.

strabism or **strabismus** (اسٽريبزم) n a muscular defect of the eye, preventing parallel vision; a squint.ٽيڏاڻ. ٽيڏپڻو. ترڇي نظر. ٽيڏي نظر. اک ٽيٽ. ڀور وڃوٽ. ڏيکاءَ بند. اک جي ٽيڏ.

strabismometer or **strabometer** (اسٽريبسموميٽر آر اسٽربوميٽر) n an instrument for measuring strabismus. (اک جي) ٽيڏ پيما.

strabotomy (اسٽريبو ٽامي) n the surgical operation for the cure of squinting.ٽيڏپڻي جراحي. ٽيڏائپ ختم ڪرڻ لاءِ آپريشن يا جراحي ڪرڻ.

stracchino (اسٽراڪينوءِ) n a North Italian soft cheese. اتر اٽليءَ جو نرم پنير.

straddle (اسٽريڊل) vi, vt & n to part the legs wide; to sit, stand or walk with legs far apart; to seem favourable to both sides, to be noncommittal; to bestride; to set the legs far apart; to overshoot and then shoot short of, in order to get the range; to cover the area of with bombs; to adopt a noncommittal attitude or position towards; act of straddling; a noncommittal position; a stock transaction in which the buyer obtains the privilege of either a put or a call; a vertical timber in a mine supporting a set; the combination of a shot beyond the mark and one short of it; a style of high jump in which the legs straddle the bar while the body is parallel to it.وهٽ (گهوڙي) تي پلانگهو يا ٻرانگهو وهڻ. ٽنگون ڦاڙي ويهڻ. پلانگهو. هبڪڻ. ٻڌڻ ترڻ. ٽنگون کولي هلڻ. دل هٽڻ. ٻنهي طرفن کي فائدي مند نظر اچڻ. ڪنهن جو طرف نه وٺڻ. زور وارو ڌڪ هڻي اڳتي لڪري وڃڻ ۽ پوءِ هلڪي ڌڪ سان موٽي اچڻ (گولف راند ۾). بمن سان ڀري يا ڍڪي ڇڏڻ. غير طرفداري ڪرڻ. ڪنهن جي طرف نظر نه اچڻ. حصن جي خريداريءَ ۾ شامل ٿيڻ. کاڻ ۾ ڏنل ٿوڻي يا جهل. (گولف راند ۾) هڪ وڏو ۽ هڪ هلڪو ڌڪ. اچي ٽپ ۾ ٽنگون هيٺ ۽ بدن جو ڪامر يا پٽيءَ سان سڌو ويهڻ جو انداز.

straddle carrier (اسٽريڊل ڪيرئر) n a high self-propelled vehicle which can straddle a container and lift, carry and deposit where required.گاڏي جيڪا پاڻ مرادو شيءِ کي مٿي کڻي سوار ڪرائي. ضروري جڳهه تي رکي. لفٽ واري قسم جي گاڏي.

stradiot (اسٽراڊيوٽ) n a Venetian light horseman from Albania or Greece (Ital).البانيا يا يونان جو گهوڙيسوار سپاهي يا فوجي.

Stradivarius or **Stradivari** (اسٽرڊيواريس آر اسٽرڊيواري) n a stringed instrument, usu a violin, made by Antonio. تارن وارو ساز. ستار. يڪتارو.

strafe or **straff** (اسٽراف) vt, n to punish; to bombard; to assail; to rake with machine-gun fire from low-flying aeroplanes; an attack.وڙهڻ. مارڻ. ڪٽڻ. گوليون هڻڻ. جهاز سان حملو ڪرڻ. هوائي حملو ڪرڻ. هلان ڪرڻ. ڪاهي اچڻ. گاريون ڏيڻ. حملو. ڪاهه. جلهه. هلان.

straggle (اسٽرينگل) vi, n to wander from the main group or course; to linger behind; to be absent without leave but not long enough to be counted a deserter; to stretch dispersedly or sprawlingly; to grow irregularly and untidily; a straggling line or group; a person who straggles, a straggler, a stray; a vagrant..اوجهڙ وڃڻ. رول ٿيڻ. توائي ٿيڻ. لڙڻ ڀڪڙڻ. ڪنڊرجڻ. رلڻ. ڀٽڪڻ. (ڪوچ ڪندي) ڇڄي ڌار ٿيڻ. هيڏي هوڏي ڦرڻ. جٿي يا ساٿين کان ڌار ٿي وڃڻ. وچائجي وڃڻ. پوئتي رهجي وڃڻ. ولر کان وڇڙڻ. غير حاضر رهڻ. بنا موڪل گسائڻ. ٽيڙي ڦڪيڙي ڇڏڻ. ڪنڊڙي ڇڏڻ. (سامان) هيڏي هوڏي رکڻ. ٺاهي ٺوڪي نه رکڻ. پوئتي پوندڙ. سست. آلسي. وڇڙيل. ڀٽڪيل. رليل. رولو. چورو. بي واهو. بي گهر.

straggling (اسٽرينگلنگ) n variation of energy or range of particles in a beam passed through absorbing material, resulting from random interactions.قوت يا توانائيءَ جي فراهميءَ ۾ گهٽ وڌائي.

straight (اسٽريٽ) adj, adv & n uncurved; in a right line; direct; upright; flat, horizontal; in good order; accurate, frank and honourable; respectably conducted; balanced, even, square; settled; downright; normal; with all debts and favours repaid, even; conventional in taste, opinions; heterosexual; in sequence; (of games, sets won) in succession; (of a theatrical port) not comic; (of a drink esp alcohol) undiluted, neat; uninterrupted; consistent; not under the influence, of or not in the habit of taking, drugs; in a straight line, directly; all the way; immediately; upright; outspokenly; honestly.سڌو. سنئون. همواز. خالص. حقي. قدرتي جنسي تعلق وارو. سادو. کرو. عمودي کڙو. ابو. سچار. عادل. راست. سچو. منصف. ايماندار. سڌا وانڙو. سڌوئي سڌو. سراور. صاف دل. سوڌائي. سڌائي. سنوت. لس. هڪ لوهه. بنا خيال. سنوائي. راست بازي. امالڪ. يڪدم. نهه پهه. بنا دير. سڌو. ڌو. سوادي. عام سواد وارو. فيصل ٿيل. قائم. ٻيهاريل. سلسليوار.

straight angle (اسٽريٽ اينگل) n a right angle; two right angles. سڌي ڪنڊ. سنئين ڪنڊ.

straightarm (اسٽريٽ آرم) **n** (of a Rugby tackle) with the arm extended straight, illegally.(رگبي راند ۾) اڳتي ٻانهون ڪڍي رانديگر کي اٽڪائڻ يا روڪڻ. غلط يا غير قانوني طور روڪڻ جو عمل.

straightaway (اسٽريٽ اوي) **n** straight forward; direct; a straight course or section.سڌو سنئون. امالڪ. يڪدم. ٺهه پهه. اتي جو اتي. فوراً . بنا دير. سڌو طريقو يا رستو.

straight-bred (اسٽريٽ بريڊ) **adj** not cross-bred.خالص جنس. (جانور) اصيل جنس.

straight-cut (اسٽريٽ ڪٽ) **adj** (of tobacco) cut lengthwise of the leaf; cut in a straight line.(تماڪ) سڌو يا ڊيگهه ۾ ڪٽيل. يا ڪاتر ڪيل.

straight-edge (اسٽريٽ ايج) **adj** a strip or stick for testing straightness of drawing straight lines..سڌو ڪنارو. سڌي سطح. پٽي يا رول جنهن سان سڌيون ليڪون ڪڍي سگهجن.

straight-eight (اسٽريٽ ايٽ) **n** an internal-combustion engine with eight cylinders in line; a vehicle having this.اٺن سلينڊرن واري موٽر گاڏيءَ جي انجڻ. اٺن برابر حصن واري موٽر گاڏيءَ جي انجڻ.

straighten (اسٽريٽن) **vt** to make or become straight; stand erect after bending.ور لاهڻ. سنئون سڌو ڪرڻ. سڌو ڪرڻ. درست ڪرڻ. سڌو ٿيڻ.پاڻ مرادو اٿيو يا سڌو ٿي بيهڻ.

straight face (اسٽريٽ فيس) **adj** an intentionally expressionless face, esp avoiding a smile though amused. لسو منهن. پالو منهن. غير جذباتي چهرو. سپاٽ منهن. پادر منهن.

straight fight (اسٽريٽ فائيٽ) **n** (in politics) a contest in which only two individuals or sides take part.سڌو مقابلو. سڌو سنئون مقابلو. دوبدو مقابلو. آمهون سامهون مقابلو. ٻن جي وچ ۾ مقابلو.

straightforward (اسٽريٽ فارورڊ) **adj & adv** going forward in a straight course; without digression; without evasion; easy to understand, not complex; honest; frank; straightforwardly..سڌو. مستحڪم. ايماندار. سنئون سڌو. سچار. صاف دل. واٽرو. سڌو اڳتي وڌڻ. کرو. سچو. سراور. راست باز. سڌي سنئين ڳالهه. سڌي ڀڏائڻ.

straight man (اسٽريٽ مئن) **n** an actor who acts as stooge to a comedian..مسخري سان گڏ ڪم ڪندڙ اداڪار. مسخري جو ساٿي.

straight-out (اسٽريٽ آئوٽ) **adj, n** uncompromising; straightforward, genuine; out-and-out.آڙ. آمڙ. نه نهي هلندڙ. نه مڃيندڙ. اٽل. سڌو. سنئون. کرو. راست باز. سچو لروار. حقي. اصلي. ظاهر ظهور. لڪل ڳالهه نه ڪندڙ. لڪي ڇپي نه رکندڙ.

straight play (اسٽريٽ پلي) **n** a play without music; a serious drama as opposed to a comedy.بنا موسيقيءَ راڳ يا مزاح جي ناٽڪ. سنجيده ڪهاڻيءَ تي مبني ڊرامو. گنڀير ڊرامو. غير مزاحيه ناٽڪ.

straight tip (اسٽريٽ ٽپ) **n** a racing tip that comes straight from the owner or trainer; inside information that can be relied on.مالڪ يا سيکاريندڙ طرفان (گهوڙي جي باري ۾) ڏنل خاص اشارو. (گهوڙن جي ڊوڙ ۾) اندروني معلومات جنهن تي اعتبار ڪري سگهجي.

straight-up (اسٽريٽ اپ) **adj & adv** true; trustworthy; unmixed, undiluted, unmodified; honestly, really..حقيقي. سچو. سچي. اعتباري. اعتبار لائق. کرو. سرل. اڻ مليل. خالص. نج. پاڪ. اڻ ڳاريل يا رجايل. اڻ بدلايل. اصل. ايمانداريءَ سان. حقيقت ۾. حقي. واقعي.

strain[1] (اسٽرين) **vt, vi & n** to stretch; to draw tight; draw with force; to exert to the utmost; to injure by overworking; to force unnaturally, unduly or wrongly; to exalt emotionally; to change in form or bulk by subjecting to a stress; to constrain; to urge, insist upon, press for; to press to oneself, embrace; to squeeze, press; to grip, grasp tightly; to compress; to restrain; to squeeze out, express; to sing or play; to filter or sieve; to make violent efforts; to tug; to retch; to have difficulty in swallowing or accepting; to make efforts at evacuation of the bowels; to be percolated or filtered; the act of straining; a violent effort; an injury by straining, esp a wrenching of the muscles; a section of melody; emotional tone, key, manner..سيٽڻ. ڪشڻ. تاڻڻ. ڇڪڻ. (رڳن جو) زور لڳائڻ. (تندون) چاڙهڻ. (پاڻ) پتوڙڻ. (اک کي) ڏيک ڏيڻ. ڇڪي تاڻي معني ڪڍڻ. اڻ سڌي معني ڏيڻ. (تنگ کي) سٽ ڏيڻ. ڏاڍو زور لڳائڻ. ڇاڻڻ. زوريءَ ڪرائڻ. ڇڪ ڏيڻ. ڇبي ڏيڻ. ڀڃڻ. نچوئڻ. (وير مهل) ٻاٽ ڪائڻ. اندروني زور لڳائڻ. زور ڏيڻ. ليوئڻ زور ڏيڻ. ڪنجاوت. ڀهوڙ. پتوڙ. دڙد. گيهه. پيڙ. ڇڪ. ڇڪتاڻ. جانفشاني. محنت. ور. سر. آلاپ. صافي. ڇاڻي. زور. سٽ. ٺڪ. مروڙ. لچڪ.

strain[2] (اسٽرين) **n** offspring; breed, race, stock, line of descent; natural, esp inherited, tendency or element in one's character; a veriety of bacterium or other organism; kind, type..اولاد. وس. نسل. ڄڻيو يا نزاد. ٻوٽن يا جانورن جي ٻهاين يا بنيادي جوڙن مان نسل. ولس. ذخيرو يا نمونو. ٻوٽن يا جانورن کي هڪ ٻئي کان جدا يا الڳ ظاهر ڪندڙ. مخصوص خصوصيتون يا نشانيون. جنس. نمونو. قسم. وڪر.

strained (اسٽرينڊ) **adj** having been strained; tense, forced or unnatural..صاف. ڇڪيل. ڇٽيل. تاڻيل. چاڙهيل. سٽ ڏنل. ليوڙيل. زبردستيءَ جو. زوريءَ جو. (دوستيءَ جو رستو) کهٽ ٿيل. بگڙيل. ٿڪل. غير قدرتي. غير فطري.

strainer (اسٽرينر) **n** one who or something that strains; a sieve, colander.. صافي، ڇاڻي، پرڻ، صافو، ڇاڻو، ڇاڻيندڙ، ڇاڻيندڙ، ڇڪيندڙ.

strain gauge (اسٽرين گيج) **n.** a device for measuring strain (deformation) in a machine or structure. دٻاءُ پيما، برقي دٻاءُ پرکڻو.

strain hardening (اسٽرين هارڊننگ) **n** a process by which metal is deformed in order to increase its hardness. دٻاءُ سختي، مادي کي زور يا داب وسيلي سختي يا سورت ڏيڻ، ٺاهي يا ڍاهي مضبوط بنائڻ جو طريقو.

strain viewer (اسٽرين ويوئر) **n** an eyepiece or projector of a polariscope. دوربينيءَ جو ڏسڻ وارو شيشو.

straint (اسٽرينٽ) **n.** pressure.. ڇڪ تاڻ، زور، سٽ، ڇڪ ٽڪ، مروڙ، ڪش، پيڙ، گهيم، دڙد، ور، داب، دٻاءُ، ٽل، دٻ، بار، قوت‌اثر.

strait (اسٽريٽ) **n, adj, & adv** a narrow part, place or passage esp by water; difficulty, distress, hardship; close; narrow; strict; rigorous; hard-pressed, needy; sparing in giving; tight; tightly; closely; narrowly; strictly; rigorously, with hardship; to tighten; to narrow; to put in a difficulty; to reduce to hardship.. تنگ، سوڙهو، محدود، مشڪل، سخت، مشڪلات، اوکائي، اهنجائي، اعتراض، تنگي، ڪرڙو، پابند، چوڪس، ڪٽو، پابند، سوڙهو، محنت طلب، تنگيءَ ۾، ڪڇي سمنڊ، سمنڊ جي ڇاڙهه، ضرورت مند، محتاج، مسڪين، غريب، ڪنجوس، سختيءَ سان، تنگيءَ سان، مشڪل سان، ڏکيائي سان، محنت سان، سخت ڪرڻ، تنگ ڪرڻ، ڇڪڻ، ڪشڻ، سوڙهو ڪرڻ، گهٽڻ، مشڪل ۾ وجهڻ، ڏکيون حالتون پيدا ڪرڻ.

straiten (اسٽريٽن) **vt, vi** to distress; to put into difficulties; to run short, to narrow; to confine; to tighten; to narrow.. تنگ ڪرڻ، سوڙهو گهٽڻ، مختصر ڪرڻ، ششدر ڪرڻ، مشڪلات ۾ مبتلا ڪرڻ، ڏکيو ڪرڻ، حيران ڪرڻ، پريشان ڪرڻ، بندڻ، گهٽڻ، ڪشڻ، (لنگهه) سوڙهو ڪرڻ.

straitly (اسٽريٽلي) **adv** tightly; narrowly; closely; strictly. سختيءَ سان، پختائيءَ سان، قابو حالت ۾، ٺوري تان، مس مس، ڇاڇي ڇاڇي، ذري گهٽ، سنيالي، ويجهڙائي، نزديڪي، سوڙهو، پابنديءَ سان، وقت سر.

straitjacket (اسٽريٽ جئڪيٽ) **n** a garment for restraining a person with violent tendencies, consisting of a padded jacket with arms crossing in front and tying behind; anything which inhibits freedom of movement or initiative. چرئي يا پاڳل ماڻهوءَ لاءِ ٿلهو ۽ ڪليل لباس، جنهن ۾ هن جون ٻانهون بند هونديون آهن، اهڙي شيءِ جيڪا ماڻهوءَ جي چر پر کي روڪي يا عضون چورڻ جي حالت ۾ نه ڇڏي.

strait-laced (اسٽريٽ ليسڊ) **adj** narrow in principles of behaviour; prudish. گهٽ اٽ ويهه ڪندڙ، سخت مزاج، تند مزاج، رکو ، کهرو، سخت، پابند، ڪٽر مذهبي، ڪٽر مزاج، ڏکيو، ڏاهو، سياڻو، متمان، عقل مند، هوشيار.

strake or straik (اسٽريڪ) **n** a stripe; a strip; a line of planking or plating in a ship, running the length of the hull; a section of a cartwheel rim; a trough for washing ore. پٽي، تختي، تختو، پٽو، ڪاٺ جو ڊگهو تختو، جهاز ۾ ڊيگهه ۾ لڳل ڪاٺيءَ جو تختو، گاڏيءَ يا ٽانگي جي ڦيٿي جي گول ڪاٺي، خام مادي کي ڌوئڻ وارو وهڪرو.

stramash (اسٽريمئش) **n, vt** a tumult, disturbance; a broil; wreck; to wreck, smash.. هنبس، لڙ، ماڇانگ، گوڙ، گوڙ بکيڙو، هل هنگامو، راماڻو، ڏمچر، هلڙ، خرخسو، ممڻ، راماڻ، هل حشر، ڏقيڙ، مونجهارو، جهڳڙو، وڳوڙ، گهمسان، ڦيٽاڙو، بي آرامي، رولو، خلل، لنتو، جهيڙو، قلو فساد، تباهي، بربادي، ستياناسي، تباهي، ڏڪائل، ڀڳل جهاز، ڀڃي پوري ڇڏڻ، ٽڪر ڪرڻ.

stramazon (اسٽريميزون) **n** a downward cut in fencing. تلوار بازيءَ واري راند يا مقابلي ۾ هيٺئين حصي يا ڌڙ تي ڪيل وار.

stramineous (اسٽريمنيس) **adj** strawy; light, worthless; straw-coloured.. تيلن جو ٺهيل، ڇيتين مان ٺاهيل، سنهو، هلڪو، معمولي، بي ملهيو، ڪسيري ملهه، ڪين جهڙو، گهٽ، خراب، وڻ واند، ڇيڳري، ڪسيرڪ، نامراد، اجايو، بيڪار، بيهودو، نڪار، ڪٺڪ رنگو، ڊپ رنگو، پلال رنگ، سڪل گاهه وانگر، پلال جهڙو، بوسي نما.

stramonium (اسٽريمونيم) **n** the thorn apple; a drug similar to belladonna obtained from its seeds and leaves and used to treat asthma and nervous disorders. جنس ڌاتورو، ڌاتورو ٻوٽو، چريو ڌاتورو، ڌاتوري مان حاصل ڪيل رس يا جوهر، ڌاتوري جو جوهر (جيڪو دوا طور به ڪتب ايندو آهي)، ڌاتوري مان ٺهيل دم جي دوا.

stramp (اسٽرئمپ) **vt, vi** to tread, stamp or trample.. لتاڙڻ، لتوڙڻ، پير رکڻ، پير ڏيڻ، لتون ڏيڻ،هلڻ، (قدم) ڪشڻ، (پيچري تان) هلڻ، پائمال ڪرڻ، پيرن سان چٽڻ، جهاڳوڙڻ، چيپاڙڻ، برباد ڪرڻ.

strand[1] (اسٽرئنڊ) **n, vt, & vi** a shore or beach; a landing-place; to run aground.. ڪپ، ڪنارو، ساحل، ريت، وارياسو ڪنارو، لهڻ جي جاءِ، بندر، لهوارو ڪنارو، (جهاز جو) مٽيءَ تي يا زمين تي چڙهي اچڻ.

strand[2] (اسٽرئنڊ) **n, vt** a yarn, thread, fibre or wire twisted or plaited with others to form a rope, cord or the like; a thread, filament; a tress; to break a strand of; to insert a strand in; to form of strands. جو. تند، تاندورو، تندو، ڌاڳو، تار، ريشو، سالها، رسيءَ رسو، ڏوريءَ، ڏورو، ڪنڊڙو، چڳ، زلف، گهنڊي، ڏوري يا ريشو توڙڻ، ڌاڳو وجهڻ، ڌاڳي جي صورت ڏيڻ، ڇڳون ٺاهڻ.

strand[3] (اسٽرئنڊ) **n** a rivulet; a gutter.نئن. سير. ندي. نهر. نالي. جابلو ندي. ننڍي ندي. وهڪرو. وهڪري وارو هيٺيون حصو. گندي پاڻيءَ جي نالي. گند جو اخراجي نڙو. گند جو اخراجي نظام.

stranded[1] (اسٽرينڊيڊ) **adj** driven on shore; left helpless without further resource.پوئتي پيل. رهجي ويل. تنگ حال. بد حال. غريبي حال. ڪناري تي پيل يا اڇلايل. بنا وسيلن جي. لاوارث. رليل.

stranded[2] (اسٽرينڊيڊ) **adj** (of a fur garment) made by resewing skins after they have been cut diagonally into strips; (of a rope) having one of its strands broken.وارن وارين کلن کي جوڙڻ جو طريقو. رسيءَ جي هڪ تند ٽٽل هئڻ واري حالت. ڪهڻ تندي رسي جي هڪ ٽٽل تند.

strange (اسٽرينج) **adj** foreign; alien; from elsewhere; not of one's own place, family or circle; not one's own; nor formerly known or experienced; unfamiliar; interestingly unusual; odd; surprising; not easy to explain; (of an elementary particle) exhibiting strangeness; estranged; like a stranger; distant or reserved; unacquainted, unversed; crazy, silly, stupid; exceedingly great, exceptional.عجيب. خلاف دستور. ڌاريو. ٻاهريون. پرائو. غير واجبي. غير. بديشي. پرديسي. پرڏيهي. اوپرو. اجنبي. وديشي. نئون. اڻ سڃاتو. بيگانو. عجب جهڙو. اڳ نه ڏٺل. اڻ واقف. غير واقف. ايومو. ويڳاڻو. نادر. غير جنس. غير قسم. تعجب آور. نه سمجهاڻ جهڙو. منجهيل. پريشان ڪندڙ. بگڙيل. منتيل. ڦريل. پرالهون. چرياڻ. مستانو. چتو.چسو. بي عقل. پاڳل. تمام وڏو. اجگر. اچو. ناپيد. ساڻارڻ. نيارو. غير معمولي. استثنائي.

strange attractor (اسٽرينج اٽرئڪٽر) **n** an equation or fractal set representing a complex pattern of behaviour in a chaotic system.مساواتي نمونو جيڪو ڪنهن منجهائيندڙ حالت يا سياءَ کي ظاهر ڪري. ڏکي يا منجهيل صورتحال بابت سيٽ يا نمونو.

strangeness (اسٽرينجنيس) **n** the quality of being strange; a property of certain elementary particles, conserved in strong but not in weak interactions and represented by a quantum number equal to the particle's hypercharge number minus its baryon number.ويڳاڻپ. اڻ واقفيت. ڪن بنيادي ذرن جي هڪ صلاحيت يا خاصيت.

strange particle (اسٽرينج پارٽيڪل) **n** kaons and hyperons, which have a non-zero strangeness number. عجيب ذرا. غير معمولي جزا.

stranger (اسٽرينجر) **n, vt** a foreigner; a person whose home is elsewhere; a person unknown or little known; a person who is outside one's familiar circle or kindred; a visitor; a new-born child; a non-member; an outsider; a person not concerned; a person without knowledge, experience or familiarity; to make a stranger.ڌاريو. ٻاهريون. خارجي. اڻ ڄاڻ. اڻ واقف. پرديسي. پرهندو. اوپرو. ورو. آرينڊو. پرڪهارو. اوپرو. اڻ واقف. بديشي. وديشي. بيگانو. نئون. اڻ سڃاتو. غير واقف. ايومو. اجنبي. اياتو. ويڳاڻو. غيرمائٽ. غير جنس. غير قسم. نئون چاول بار. غير رڪن. غير ملڪي. غير واسطيدار. بي خبر. اڻ ڄاڻ. جاهل. ٻاهريون يا عجيب بڻائڻ. نئين صورت ڏيڻ. روپ مٽائڻ.

strangle (اسٽرنگل) **vt** to kill by compressing the throat, to throttle; to choke; to kill; to constrict; to choke back, suppress, stifle; to impede or prevent the development of.گهٽو ڏيڻ. ڪهوڪهو ڏئي مارڻ. ڦاسڻ. ڦاسي يا ڦاهي ڏيڻ. بندڻ. سوڙهو ڪرڻ. روڪڻ. چپ ڪرڻ. لڪائڻ. جهلڻ. دٻڻ. نه ڪولڻ. بوسالڻ. ڪهٽڻ. نڙيءَ تي لتهن ڏيڻ.

stranglehold (اسٽرنگل هولڊ) **n** a chocking hold in wrestling; complete power over a person or situation that prevents any freedom of action.ڪشتيءَ جي رالد ۾ ساهه پوسائڻ وارو داءُ. روڪڻ. بندڻ. جهلي بيهڻ. چرڻ پرڻ نه ڏيڻ. سوکهو ڪرڻ. ٽنگون ٻانهون جهلڻ.

strangles (اسٽرنگلز) **n, pl** a contagious bacterial disease of horses caused by infection with streptococci.سرڪيل.سرڪير. متعدي يا وچڙندڙ زڪام. گهوڙن جي جيوڙن ڪري لڳندڙ بيماري. وچڙندڙ بيماري.

strangle-weed (اسٽرنگل ويڊ) **n** a name applied to various parasitic plants, eg dodder, broomrape, that have a strangling effect on crop plants.طفيلي ٻوٽا. جيڪي وڌندڙ ٻوٽن کي ختم ڪري يا ناس ڪري ڇڏيندا آهن.

strangulate (اسٽرينگيوليٽ) **vt** to strangle; to compress (eg a vein) so as to suppress or suspend circulation or other function.گهٽو ڏيڻ. گهٽو. تنگ ڪرڻ. زور ڏيڻ سان. (رت وهڻ) بند ڪرڻ. پيشاب رڪجڻ. پيشاب اٽڪڻ.

strangulated hernia (اسٽرينگيوليٽيڊ هرنيا) **n** a hernia in which the protruding part is constricted, preventing circulation.چن يا هرنيا جنهن ۾ آندو يا پيو الدرولي عضوو بندش هيٺ اچي. گهٽيندڙ چن جو قسم. چن اٽڪڻ. اٽڪاءَ وارو چن.

strangulation (اسٽرينگيوليشن) **n** the act of strangling or the state of being strangled; the act of strangulating.ڪهوڪهو. گهٽ. اٽڪاءُ. خناڪ. ساهه گهٽجڻ. رڪاوٽ. ڦاهو. ڪهوڪهو ڏيڻ. ڦاهو ڏيڻ. گهٽڻ. گهٽو ڏيڻ. گهٽو ڏئي مارڻ. بندڻ. روڪڻ. اٽڪاءُ وجهڻ.

strangury (اسٽرينگيوري) **n** a severe pain in the urethra with intense desire to pass urine or painful passage of a few drops of urineپيشاب سوراخ جي بندش ۽ سوزش. اخراج درد. پيشاب واري عضوي جي سختي يا تنگي ۽ ان

ڪري پيشاب ڪرڻ ۾ ٿيندڙ درد يا تڪليف، پيشاب بند، حبس البول، پيشاب ۾ سوخت، پيشاب جو تڪليف سان اچڻ. (پيشاب ۾) چڻنگ، ساڙو.

strap (اسٽرئپ) **n, vt & vi** a narrow strip, usu of leather or similar material; a thong; a strop; a metal band or plate for holding things in position; a narrow flat projection, as on a strap-hinge; a looped band; a string or long cluster; anything strap-shaped; an application of the strap or tawse in punishment; a barber; a term of abuse to a woman, credit esp for liquor; to beat or bind with a strap; to strop; to hang; to work vigorously; to suffer strapping. چمڙ يا ڪنهن ٻيءَ شيءِ جو پٽو، ڏوري يا رسي، وڌي، ڪشو، ٻنڌڻ، پٽي، پٽري، چمڪي، خردمر، ڪش، ڪششو. (الٽ جي) چمولي، لوهي پٽي، تسمو، دوال، پٽيءَ سان ٻڌڻ، پٽيءَ صورت بيهڪ، ڳنڍ يا سرڪڻ واري ڏوري، پٽيءَ سان ڪٽڻ، ڪوڙو مارڻ، حجم، حجام، روڪڻ، جهلڻ، ٻڌڻ، محنت سان ڪم ڪرڻ، موچڙا، ٿڪا يا ڪوڙا کائڻ.

straphanger (اسٽرئپ هنگر) **n** a standing passenger in a train, bus, who holds on to a strap for safety. بس يا ريل ۾ بيٺل مسافر، لاريءَ جو بيٺل مسافر، پٽيءَ يا ڏنڊيءَ ۾ هٿ وجهي بيٺل مسافر.

straphinge (اسٽرئپ هنج) **n** a hinge fastened by a long leaf or flap. پٽيءَ سان ٻڌل قبضو يا ڪنڊو.

strapless (اسٽرئپليس) **adj** without a strap or straps, esp (of wom's dress without shoulder-straps) بنا ڏوريءَ يا وڌيءَ جي، عورت جي بنا ڏوريءَ يا وڌيءَ واري انگي يا چولي.

strapline (اسٽرئپلائين) **n** a subsidiary headline in a newspaper or magazine, esp one beneath the title. اخبار جي معمولي يا عام ست، مکيه خبر جي هيٺان ننڍي سرخي، معمولي سرخي.

strapontin (اسٽرئپونٽن) **n** a folding seat, as in a taxi, theatre (Fr). موٽر گاڏيءَ يا سنيما ۾ ٻند ٿيندڙ ڪرسي يا ويهڻ واري جاءِ.

strappado (اسٽروپيڊو) **n** a form of torture in which the victim was hoisted on a rope tied around the wrists and then allowed to drop with a sudden jerk to the length of the rope. رسيءَ يا نوڙيءَ سان ٻڌي لڙڪائڻ جي سزا، ڏوريءَ سان ٻڌي ست سان هيٺ ڪيرائڻ يا ڦٽي ڪرڻ (سزا طور)، ڦاهيءَ وانگر سزا ڏيڻ، رسي ڪِڇيءَ ۾ وجهي ست ڏيڻ.

strapper (اسٽرئپر) **n** a person who works with straps, esp a groom; an energetic worker; a tall robust person; a whopping lie. ڏوريون ٺاهيندڙ، پٽين يا ڏورين سان ڪم ڪندڙ، گهوڙا ڪمڙيندڙ، محنتي ڪاريگر يا ڪارڪن، لنبو، ڊگهو، قدآور، خوبصورت، ڏگهو، ڊينگ، وڏي قدبت وارو مالهو، لسورو ڪوڙ.

strapping (اسٽرئپنگ) **n** fastening with a strap; materials for straps; strengthening bands; a thrashing; tall and robust. رسيءَ سان ٻڌڻ، ڪشڻ، ڏوريءَ پٽي، زخم سان چنبڙندڙ ملم، ڏگهو، قد آور، ڊگهو، ڊيتگ، خوبصورت، موچڙا ماري ڪٽ ست، ڪوڙي يا وڌيءَ سان ڪٽڻ.

strapwork (اسٽرپ ورڪ) **n** ornamentation of crossed and interlaced fillets. ڏورين سان مڙهڻ.

strapwort (اسٽرئپ ورٽ) **n** a seaside caryophyllaceous plant of SW England, with strap-shaped leaves. (ڏکڻ اولهه انگلنڊ ۾) ڏوريءَ يا پٽيءَ صورت پن وارو سامونڊي ڪنارن جو ٻوٽو.

stratagem (اسٽريٽيجم) **n** a plan for deceiving an enemy or gaining an advantage; any artifice generally (Fr). چال، لريڙ، حرفت، ڪيڏبازي، حيلو، حڪمت، الڪل، حرفتي بيهڪ نڳيءَ جو ناهه، حرفت، الڪل طور ٺاهيل بيهڪ.

strategic or strategical (اسٽريٽيجڪ آر جيڪل) **adj** pertaining to, dictated by, of value for, strategy. علم جنگ جو، يَدڪَنشَلَ، وديا جو، ترڪيب ڪاري، جنگي ضرورت هيٺ ٺاهيل يا تيار ڪيل، جنگي حڪمت عمليءَ هيٺ جوڙيل يا بيهاريل.

strategist (اسٽريٽيجسٽ) **n** a person skilled in strategy. جنگي حڪمت عمليءَ جو ماهر، صف بنديءَ يا صف آرائيءَ جو هنر ڄاڻيندڙ.

Strategic Defence Initiative (اسٽريٽيجڪ ڊفينس اينشيئيٽو) **n** a strategic defence system proposed by the US involving laser-equipped satellites deployed in space for destroying enemy missiles. آمريڪا طرفان تيار ڪيل دفاعي حڪمت عملي جنهن هيٺ خلا ۾ ميزائل بردار هٿيار رکڻ وارا ٻيڙا ڇڏيا ويندا تہ جيئن حملي آور طرفان هلايل ميزائلن کي رستي ۾ ئي ختم ڪري ڇڏين.

strategic metals (اسٽريٽيجڪ ميٽلز) **n** materials or metals used for military purposes or necessary for carrying on a war. فوجي ضرورتن وارا مادا، اهي ڌاتو جيڪي فوج جي ضرورتن ۾ ڪم ايندا آهن.

strategic position (اسٽريٽيجڪ پوزيشن) **n** a position that gives its holder a decisive advantage. حڪمت عمليءَ هيٺ ضرورت واري جڳهہ تي موجودگيءَ واري حالت، اهڙي جڳهہ جيڪا اتي موجود ڌر کي ٻئي تي برتري ڏئي.

strategy (اسٽريٽيجي) **n** generalship, or the art of conducting a campaign and manoeuvring an army; any long-term plan; artifice or finesse generally.. حڪمت عملي، ترتيب وار عمل، استادي، يَدڪنشل، علم جنگ، جنگي علم، جنگي فن، فوجي حڪمت عملي، ڪهڻ وقتو عمل، اهڙي تياري جنهن ۾ هر خطري واري حالت کي ضرورت وقت آسانيءَ سان

منهن ڏئي سگهجي.

strath (اسٽرٿ) n in the Highlands of Scotland, a broad valley. ڪليل يا موڪري وادي، دريائي ماٿري.

strathspey (اسٽرٿسپي) n a Scottish dance, similar to and danced alternately with the reel; a tune for it; differing from the reel in being slow, and abounding in the jerky motion of dotted notes and semiquavers. اسڪاٽلينڊ جو هڪ ناچ، لوڪ ناچ، جهمر.

stratification (اسٽريٽفڪيشن) n arrangement in strata, stratifying or being stratified. طبقہ سازي، استري پون. تهہ بندي، تهہ سازي، تهہ تي تهہ چاڙهڻ.

stratify (اسٽرٽيفاء) vt, vi to deposit, from or arrange in layers; to classify according to a graded scale; to form, settle, compose into levels or layers. تهہ جمائڻ، تهہ بند ٿيڻ، تهہ تي تهہ رکڻ، تهن صورت بيهڪ ڏيڻ، هڪ ٻئي مٿان ستي ناهي بيهارڻ.

stratigraphy (اسٽرٽيگرافي) n the geological study of strata and their succession; stratigraphical features. (زميني) تهہ وچا، زمين تهہ نگاري، زميني تهہ وديا، علم طبقات الارض.

stratocirrus (اسٽرٽوسرس) n cloud resembling cirrostratus but more compact تهہ دار اوچا ڪڪر، تهہ دار ور وڪڙ ڪڪر، سٿيل يا ڳنڍيل ڪڪر، طوفاني بادل.

stratocracy (اسٽريٽو ڪريسي) n military rule or despotism. فوجي حڪومت، آمريت.

stratocumulus (اسٽريٽوڪيوميولس) n a cloud in large globular or rolled masses, not rain-bringing. تهہ دار ڪڪر، طبقي ڪڪر بيهڪ، اڻ وسڻ وارا ڪڪر.

stratopause (اسٽريٽوپاز) n the transitional layer between the stratosphere and the mesosphere. متيرہ هيٺين خلا ۾ هڪ سنهو يا هلڪو (گئسن جو) تهہ.

stratosphere (اسٽريٽو اسفيئر) n a region of the atmosphere beginning about 4 to 10 miles up, in which temperature does not fall as altitude increases. وايو منڊلي حصو، فضائي حصو جيڪو ۴ کان ۱۰ ميل مٿي هوندو آهي، فضائي طبقي دائرو، فضائي، وايو منڊل، مٿاهون منڊل، فضائي جز.

stratospheric (اسٽريٽو اسفيئرڪ) adj of or in the stratosphere; (of prices) extremely high. خلا يا فضا ۾ (بلند)، خلا ۾، فضائي دائري اندر، (قيمتون) تمام ڳريون مٿي چڙهيل، مهانگيون.

stratotanker (اسٽريٽو ٽئنڪر) n a type of aeroplane which refuels other planes at high altitudes. خلا يا فضا ۾ موجود جهازن کي تيل پهچائڻ وارو جهاز.

stratum (اسٽريٽم) n a layer; a bed of sedimentary rock; a layer of cells in living tissue; a region determined by height or depth; a level of society. تهہ، طبق، درجو، پرت، طبق خليات، پنگتي، هيٺاهون حصو، سماجي هيٺاهين، واري حالت، سماج جي موجوده حالت، درجو.

stratus (اسٽريٽس) n a wide-extended horizontal sheet of low cloud. طبق، ابر، پتلو بادل، تهدار ڪڪر، ننڍو ڪڪر، افقي ابر.

stravaig (اسٽرئيويگ) vi to wander about idly. رلڻ، (هرويرو) گهمڻ، بي مقصد اچڻ وڃڻ، ڀٽڪڻ، سير ڪرڻ.

straw (اسٽرا) n, adj the stalk of corn; dried stalks of corn, or of peas or buckwheat, used as fodder, bedding, packing, for making hats; a narrow tube for sucking up a beverage; a straw hat; a trifle, a whit; of straw; of the colour of straw. پلال، تيلو، بوسو، ڪانگڙ، سڪل گاهہ، اولڙ گاهہ، ڪنهل ڪانا، ٻهہ، ڪک، ڪڙٻ، ڪال، ڪانگڙي، خسيس چيز، ذرو، معمولي شيءِ، ڪکن جو ٻت، ڪکائين ٻيهڪ، ادني شخص، اصطلاح جيڪو اناج وارن ڪانن يا ڪانهن لاءِ استعمال ٿئي ٿو، پلال رنگ، بوسي رنگ.

strawberry (اسٽرابيري) n the fruit of any species of the rosaceous genus; the plant bearing it; of the colour (pinkish-red) or flavour of strawberries. توت فرنگي، ولائتي توت (ميوو)، انگريزي ميوو، اسٽرابيري ميوو.

strawberry blonde (اسٽرابيري بلونڊ) n, adj a woman with hair that is reddish-yellow ڳاڙهن پيلن وارن واري جوان خوبصورت عورت.

strawberry cactus (اسٽرابيري ڪئڪٽس) n a clump-forming cactus, with pale yellow flowers and red strawberry-flavoured berries. ٿوهر جو قسم جنهن ۾ پيلا گل ۽ توت فرنگيءَ جي خوشبوءِ وارو ٻير جهڙو ميوو هجي.

strawberry leaf (اسٽرابيري ليف) n the leaf of the strawberry plant; symbolically the rank of duke or duchess, from the ornament like strawberry leaves on a duke's coronet توت فرنگي ٻوٽي جو پن، انگريز نواب جو سندس نشان، توت فرنگيءَ جي پن جي نشان وارو نواب، سردار، جاگيردار.

strawberry mark (اسٽرابيري مارڪ) n a reddish birthmark. ڄم جو (بدن تي) ڳاڙهو نشان، بدن تي ڳاڙهو ٽڪو.

strawberry roan (اسٽرا بيري رون) n a horse with a reddish brown coat flecked with white. ڳاڙهي ڀوري رنگ وارو ڪميت گهوڙو (جنهن جي بدن تي اڇا ٽڪا به ٿين) .

strawberry tomato (اسٽرابيري ٽومٽو) n the cape gooseberry. توت فرنگيءَ جهڙي ميوي جو قسم.

strawberry tree (اسٽرا بيري ٽري) n a small tree of the heath family, with red berries. ننڍو ڳاڙهن ٻيرن وارو وڻ، جاگري ٻير.

strawboard (اسٽرابورڊ) n a thick cardboard, made of

straw. پائو، ڳتو، ڳتي يا پاڻي جو ٿيل.

strawboss (اسٽرا باس) n an assistant, temporary, or unofficial foreman.ماتحت، زيردست، وقتي ملازم، عارضي ملازم، غير سرڪاري سپاليندڙ يا نگران، غير سرڪاري عملدار.

straw-colour (اسٽرا ڪلر) n delicate brownish-yellow. پلال رنگ، بوسي رنگ، هلڪو پيلو رنگ.

strawflower (اسٽرا فلاور) n any Australian composite flowering plant with everlasting flowers in a wide variety of colours.آسٽريليا جو مختلف رنگن وارا گل جهليندڙ سدابهار بوٽو.

straw-hat (اسٽرا هٽ) adj of or pertaining to summer theatre. اونهاري جي ناٽڪن بابت.

straw poll (اسٽرا پول) n an unofficial vote taken to get some idea of the general trend of opinion.غير سرڪاري طور عوام جا (ڪنهن خاص معاملي بابت) رايا معلوم ڪرڻ يا ووٽ وٺڻ جو طريقو.

straw-stem (اسٽرا اسٽيم) n the fine stem of a wine glass pulled out from the material of the bowl, instead of being attached separately; a wine glass having such a stem.شراب جي گلاس تي ڪيل گل ڪاريءَ مان حاصل ڪيل شيشي جي لڙ يا لسري، اهڙو ڪيل گلاس، چٽر ڪاري ڪيل گلاس.

straw wine (اسٽرا وائين) n a sweet wine obtained from grapes dried on straw.مٺي شراب جو قسم، (پلال تي) سڪايل انگور جو شراب.

straw worm (اسٽرا ورم) n another name for a caddis fly larva.پلال جو ڪينئون، پلال جو جيت، مک جو لاروا يا ڪچو ٻچو.

stray (اسٽري) vi, vt, n & adj to wander; to wander away; esp from control, or from the right way; to digress; to get lost; to set astray; a domestic animal that has strayed or is lost; a straggler; a waif; anything occurring casually, isolatedly, or out of place; a body of strays; a common; atmospherics; a straying; gone astray; casual; isolated..ڀٽڪڻ، ڀنڊڻ، رلڻ ڇلڻ، گمراهه ٿيڻ، رول ٿي وڃڻ، ڀوڻ، وڃڻ، وڇڙڻ، ڀٽڪڻ، اليهڙ، فروعي، گڏل، رول، لوڙڪو، ڇڙو پاڙو، رولاڪ، گمراهه، وچڙيل، ڀٽڪيل، رولو، آورهه، اتفاقي، ايڪڙ ٻيڪڙ، اوجهڙ.

stray-field (اسٽري فيلڊ) n a magnetic field set up around electric machines or current-carrying conductors that has no use and may interfere with the operation of measuring instruments.چقمقي بجلي محرڪ موٽر جي آس پاس موجود چڪ جو دائرو، مقناطيسي ڪشش جي حد، مقناطيسي دائرو.

stray radiation (اسٽري ريڊيئيشن) n direct and secondary radiation from irradiated objects that has no use. اڻ سڌي جوهري قوت يا جوهري اثر.

streak (اسٽريڪ) n, vt & vi an irregular stripe; the colour of a mineral in powder, seen in a scratch; a scratch; a strain, vein, interfused or pervading character; a line of bacteria, placed on a culture medium; the line or course as of a flash of lightning; a rush, swift dash; a dash made by a naked person through a public place; a course or succession, as of luck; to mark with streaks; to become streaked; to rush past; to run naked, or in a state of indecent undress, in public..ليڪ، رهندو، ڪرنڊ، گيهو، لينگهو، ليڪو، ڏاري، جهري، خط، ماپ، ڪنوڻ، معدني پائوڊر جو رنگ، اڻ سڌي پٽي يا ليڪ، داغ، ڏبو، مليل يا اثر رکندڙ مادو، جِيُو لاءِ رکيل بيڪٽريائي جُزن جي لاٽ يا سلسلو، ڪنوڻ يا روشنيءَ جو ڪرڻو يا جهلڪو، اوچتو، ڏڪ يا چڪ، اگهاڙي ماڻهوءَ جو بيٺل ماڻهن اڳيان ڊوڙي نڪري وڃڻ، لنگهڻ، پرسان لنگهي وڃڻ، اگهاڙو ڊوڙڻ، غير مناسب پوشاڪ ۾ عوام سامهون اچڻ.

streaker (اسٽريڪر) n a person or thing that streaks; a person who runs naked through a public place.ليڪ يا ليڪو ڪيندڙ ماڻهو يا شيءِ، عام يا عوام آڏو اگهاڙي حالت ۾ ڊوڙندڙ يا هلندڙ ماڻهو.

streak of lightning (اسٽريڪ آف لائٽنگ) n a sudden prominent flash of lightning.ڪنوڻ جو جهلڪو، وڄ جو تجلو.

streaky (اسٽريڪي) adj marked with streaks, striped; fat and lean in alternate layers; uneven in quality.ليڪا، تهدار، تهن ۾، اڻ ملندڙ ڌاريدار، ليڪائون، لهردار، ليڪا خاصيت وارو.

stream (اسٽريم) n, vi & vt a small body of running water; a river or brook, esp a rivulet; a flow or moving succession of anything; a large number or quality coming continuously; a division of pupils on the roll of a school consisting of those of roughly equal ability or similar bent, or those following a particular course of study; any similar division of people; a current; a drift; a tendency; to flow, issue, or stretch, in a stream; to pour out abundantly; to float out, trail; to wash earth, in search of ore; to discharge in a stream; to wave, fly; to wash earth for ore; to divide pupils into streams..نهر، ندي، سير، چشمو، ڌار، ريلو، سيلاب، وهڪرو، وهه، ڌارا، ندي، گٽ، گوهو، لاٽ، لواڙو، رخ، رغبت، نيڻدي، لهوارو، اوبارو، ڪرڻو، قطار، جاري هئڻ، وهڻ، ڪِرڻ، وسڻ، ڳاڙڻ، نيڻديون ٿي وهڻ، وهائڻ، ڪرڻا نڪرڻ، ڦڙڪڻ، (سڙهه) کولڻ، هارڻ، ڪلاس

پر شاگردن جي هڪ ڪري ورهاست، شاگردن جي قابليت وار ورهاست. ماڻهن جي قابليت وار ورهاست، رخ رواج.

stream-anchor (اسٽريم انڪر) n a small anchor used in warping or for stemming an easy current.هلڪو يا ننڍو لنگر. ناتاري، پلي.

streamer (اسٽريمر) n a flag, ribbon, plume or the like streaming or flowing in the wind; a luminous beam or band of light, as of the aurora; one who washes detritus for gold or tin; a large bold headline; a narrow roll of coloured paper that streams out when thrown..ڌجا، جهنڊي، هوا ۾ جهولندڙ، ڌاري دار، بيرق، جهنڊو، روشنيءَ جو شعاع، تجلو، ڪرڻو، بچيل مادي مان لوهه يا سون ڳوليندڙ. (اخباري) وڏي سرخي، رنگين پنن جو ٿهو يا دستو.

streamline (اسٽريم لائين) n, vt a line followed by a streaming fluid; the natural course of air streams; to make streamlined..وهڪري جي ليڪ، وهڪري جو سنئون، هوا جو قدرتي وهڪ وارو رستو، ترتيب وار ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ، وهڪري ۾ آڻڻ يا شامل ڪرڻ، ريلي ۾ شامل ڪرڻ.

streamlined (اسٽريم لائينڊ) adj having boundaries following streamlines so as to offer minimum resistance; a term of commendation with a variety of meanings, such as efficient, without waste of effort, up-to-the-minute, of superior type, graceful..قدرتي وهڪري هيٺ حد بندي، وهڪري مطابق ڏنل بند، وهڪري کي سولو ڪرڻ لاءِ بيهاريل نظام، ترتيب وار ڪرڻ، بهتر نموني بيهارڻ، عمدي بيهڪ ڏيڻ، تيار، بهتر قسم جو، وڻندڙ، سهڻي بيهڪ وارو، ناهوڪو.

stream of consciousness (اسٽريم آف ڪانشسنيس) n the continuous succession of thoughts, emotions and feelings, both vague and well-defined, that forms an individual's conscious experience, often used to describe a narrative style which imitates this.شعور جو وهڪرو (ادب ۾ هڪ لاڙو)، شعور جي رواني، ڪنهن ڳالهه يا معاملي کي پنهنجي دل ۽ دماغ ۾ ايندڙ سلسلي مطابق بيان ڪرڻ، دل جو احوال اورڻ، پنهنجن خيالن کي پيش ڪرڻ جو سڌو سنئون طريقو.

streek (اسٽريڪ) vt, vi to lay out for burial.دفن ڪرڻ يا پورڻ لاءِ تيار ڪري رکڻ.

streel (اسٽريل) vi to trail; to stream; to wander..گهلڻ، ليڪو ڪڍڻ، گهيو ڏيڻ، ڊگهي ليڪ وجهڻ، وهي هلڻ، ناليءَ وانگر بيهڪ ڏيڻ، وهڪرو ڪرڻ، ڀٽڪڻ، گهمڻ، رلڻ، ڀٽڻ، ٿلڪڻ، ڀرمڻ.

street (اسٽريٽ) n, adj a paved road; a road lined with houses, broader than a lane, including or excluding the houses and the footways; those who live in a street or are on the street; used in street names; a passage or gap through or among any thing; of or characteristic of the streets, esp in densely populated cities, or of the people who frequent them esp the poor, the homeless, prostitutes, petty criminals..(شهري) سڙڪ، ڳلي، گلي، گهٽي، ڪوچو، رستو، اندروني اچ وڃ جي جاءِ، هڪ گهٽيءَ يا رستي جا رهاڪو، انهن جا گهر، گهٽيءَ جي بيهڪ جهڙي صورت ۾ آندل، گهٽيءَ جا رهاڪو، گهٽين ۾ رهندڙ بي گهر، رنڊي، رول، لوفر، تڙيل، ڌڪاريل.

street arab or street boy (اسٽريٽ عرب آر اسٽريٽ بواءِ) n a body who lives mainly on the street..گهٽيءَ ۾ رهندڙ ٻار، بي گهر ٻار يا ڇوڪر، رولو لوفر.

street car (اسٽريٽ ڪار) n a tramcar. ٽرام ڪار، ٽرام گاڏي.

street credibility (اسٽريٽ ڪريڊبلٽي) n. trust, believability, popularity, support or trust from the main in the street, convincing knowledge of popular fashions, modes of speech..فيشن ۾ ميڄوتي، عام قبوليت، فيشني، ڳالهائڻ جو طريقو، تقرير جو فن ۾ ميڄتا.

street door (اسٽريٽ ڊور) n the door of a house that opens on to the street.گهر جو ٻاهريون در، گهٽيءَ ۾ کلندڙ دروازو، گهر جو مکيه دروازو، داخلي دروازو.

street furniture (اسٽريٽ فرنيچر) n the various accessorial public items sited in the street, eg litter bins, parking meters, road signs.گهٽيءَ يا رستي ۾ موجود ۽ نظر ايندڙ سامان يا شيون، گند جا دٻا، ميٽر، رستي جي ناليءَ جي تختي يا بورڊ وغيره.

street lamp or street light (اسٽريٽ لئمپ آر لائيٽ) n one set high on a lamppost to light a street.گهٽيءَ ۾ لڳل روشنيءَ جو ٽنب، بلب وارو ٿنڀ، بجليءَ جو ٿنڀو.

street level (اسٽريٽ ليول) n at ground level; in or pertaining to the urban street environment, esp street-trading; pertaining to the general population.زميني سطح واري بيهڪ، گهر کي ٻاهرين رستي جي سطح مطابق بيهڪ ڏيڻ، عام ماڻهوءَ جو بازار ۾ ڪيل واپار يا ڌنڌو، رستي هلندڙ ماڻهو يا عوام.

street name (اسٽريٽ نيم) n the official name given to a street or road, a common or slang name for an illegal drug.گهٽيءَ يا رستي کي ڏنل سرڪاري نالو، غير قانوني نشي آور مادو.

street room (اسٽريٽ روم) n space enough in the street. گهٽيءَ يا رستي جي ڪشادگي يا وسعت.

street scape (اسٽريٽ اسڪيپ) n a scene or view of a street; the specific characteristics of, or improvements made to, a street.گهٽي يا رستي جو نظارو، گهٽيءَ يا دڳ ۾ آندل سڌارا، گهٽيءَ يا رستي جي بيهڪ يا ڏيک.

street trader (اسٽريٽ ٽريڊر) n a person who trades in

the street, either from a market stall or often from an improvised pitch.گهٽيءَ يا رستي تي ڪاروبار ڪندڙ واپاري، گهوراڙو، دڪي يا ٺيلهي يا گاڏي وارو، پاٿاريءَ وارو، ماڻڊيءَ وارو، هٿ گاڏيءَ وارو.

street value (اسٽريٽ وئليو) **n** the cash value of an item when sold directly to the customer in the street, esp illegally or on the black market; he value of drugs sold illicitly.ڪنهن به شيءِ جي وڪري وقت ڏنل يا ادا ڪيل قيمت، عام طور ڪان مهانگي وڪري شيءِ، شين جي گهٽ يا غير موجودگيءَ ڪري مهانگو وڪرو، غير قانوني طور وڪرو ڪيل دوا يا نشي آور مادي جو اگهه يا قيمت.

street walker (اسٽريٽ واڪر) **n** any one who walks in the streets, esp a prostitute who solicits in the street.رنڊي، وڪشيا، چڪلاڻ، طوائف جيڪا گهٽيءَ ۾ گهمي گراهڪ ڳولي يا درتي ٻيهي ايندڙن کي سڏي.

streetwise (اسٽريٽ وائز) **adj** familiar with the ways, needs of the people who live and work on the city streets, eg the poor, the homeless, the petty criminals, experience in, and able to cope with, the harsher realities of city life; cynical; wily.عام ماڻهن جي ضرورتن کان واقف، ماڻهن جي خواهش ۽ پسند کي سمجهندڙ (واپاري)، گهٽيءَ يا گهر کان ٻاهر رهندڙ ماڻهن جي ضرورتن ۽ عادتن کان واقف، شودن ۽ لوفرن کي منهن ڏئي سگهڻ وارو، هوشيار، الڪلي، چالاڪ، حرفتي، سمجهو.

strelitzia (اسٽرلٽسيا) **n** a plant of the S African genus of the banana family, with large showy flowers. ڏکڻ آفريڪا جو ڪيلي جي جنس جو سهڻن گلن وارو ٻوٽو.

strength (اسٽرينٿ) **n** the quality, condition or degree of being physically or mentally strong; the power of action or resistance; the ability to withstand great pressure or force; force; degree or intensity; vigour; potency; a beneficial characteristic; complement (as of workforce, team); a military force; the number on the muster roll, or the normal number; the point, the truth..سگهه، زور، ٻل، قوت ، مضبوطي، وس، همت، طاقت، توانائي، آڌار، سگهت، سامرٿي، توفيق، ست، تيج، شڪتي، ڏي، تقويت، سهارو، آسرو، توانائي، (پاڻيءَ جي) تک، چهرائي، مضبوطي، ڏاڍائي، تلخائي، تيک، سموري فوج، فوجي طاقت يا قوت، پختگي، پڪائي، پختائي، حاضر ماڻهن جو تعداد، عام طور موجود ماڻهن جو اندازو، حقيقت، نقطو، ٻيهڪ.

strengthen (اسٽرينٿن) **vt, vi** to make strong or stronger; to confirm; to become stronger.سگهه ڏيڻ، زور وٺائڻ، پڪو ڪرڻ، مضبوط بنائڻ، طاقت ڏيڻ، ڏاڍو ڪرڻ، مضبوط ڪرڻ، زور پڪڙڻ، سگهارو ٿيڻ، همٿائڻ، پرتي ڏيڻ.

strenuous (اسٽرينس) **adj** active; vigorous; urgent; zealous; requiring exertion..توانو، ٻلي، سگهو، ستين، ڪورشي، سرگرم، مستعد، محنتي، چاهه ڀريل، ڏاڍو، سخت، هوشيار، چالاڪ، والنٽريو، اثرائتو، ڦرتو، تکو، ڪرڙو تڙو، جل ڦٽاڪو، جبر جنگ، زور ڀريو، شهه زور، مردانو، تکڙو، ضروري، تاڪيدي، محنت طلب.

strepent (اسٽريپنٽ) **adj** noisy. گوڙيلو، هلڙ، غوغائي، شوريلو، گوڙ ڪندڙ، گوڙ وارو.

streperous (اسٽ پيپرس) **adj** loud; harsh-sounding.بلند، ڳرو، تيز، تکو، (آواز) وڏو، کهرو، ڪن ڦاڙيندڙ، ڌمڪائيندڙ، زور وارو.

Strephon (اسٽريفن) **n** a love-sick shepherd; any love-sick swain. پيار جو ماريل ڌنار يا ٻڪرار، عاشق جيڙو.

strephosymbolia (اسٽريفوسمبوليا) **n** a visual disorder in which items are seen in mirror image; a reading problem in which letters, symbols, words are reversed, transposed or confused.نظر جي بيماري يا حالت جنهن ۾ ابتي تصوير نظر اچي، ابتا اکر نظر اچڻ واري اکين جي حالت، مليل يا منجهيل نظر ايندڙ اکرن ڏسڻ واري حالت.

strepitant (اسٽريپيٽنٽ) **adj** loud; noisy; clamorous..بلند، ڳرو، ڏاڍو وڏو آواز، تيز تکو، شوريلو، گوڙيلو، غوغائي، واڪا ڪندڙ، شور مچائيندڙ، گوڙ ڪندڙ، واڪو واڪاڻ مچائيندڙ.

strepitoso (اسٽريپيٽوسو) **adj** (music) noisy, boisterous. (موسيقي) تيز، بلند، تکي، ڪن ڪائيندڙ، شوريلي، گوڙائتي.

strepsipterous (اسٽريپسيپٽيرس) **adj** of, relating or belonging to an order of insects parasitic in other insects, the females wormlike, the males with twisted forewings. جيتن جا طفيلي جيت، ليڏن ڪنين وارا (نر) جيت.

strepto-(اسٽريپٽو) combining form : denoting – bent, flexible, twisted quality..لڙهي دار، مروٽيل، وڪوڙيل، ويڙهيل، گهنڊيدار، زنجيري.

streptocarpus (اسٽريپٽو ڪارپس) **n** any flowering plant of the Cape primrose genus with fox-glove-shaped flowers. گلن واري ٻوٽي جو قسم.

Streptococcus (اسٽريپٽوڪوڪس) **n** a genus of bacteria forming bent chains, certain species of which can cause scarlet fever, pneumonia; any bacterium of this genus. لڙهيءَ وارو گول جيوڙو، زنجيري گول جيوڙو، لڙهيءَ صورت جيوڙو.

streptokinase (اسٽريپٽو ڪنيسي) **n** a generic thrombolytic drug, used to treat heart attack victims.دل جي ڏوري وارن مريضن لاءِ هڪ عام دوا، طبي مادو.

streptomycin (اسٽريپٽو مائسن) **n** an antibiotic drug obtained from the bacterium, used as the first effective drug treatment for tuberculosis, and in the treatment of certain rare infections such as tularae-

mia, brucellosis and glanders. جيوڙا مار دوا. هڪ بهتر قسم جي اينٽي بايوٽڪ دوا، جيڪا سلهه ۽ ٻين مهلڪ بيمارين جي علاج طور ڪم ايندي آهي. طبي مادو.

streptosolen (اسٽريپٽوسولن) n an evergreen solanceous floweirng shrub, with panicles of tubular orange flowers. وڏن نارنگي گلن وارن ٻوٽن جي قسم جو هڪ سدابهار ٻوٽو.

strepyan (اسٽريپين) adj of the oldest known Palaeolithic culture. انسان جي هڪ شروعاتي ثقافتي دور بابت.

stress (اسٽريس) n, vt hardship, straits; strain; a constraining influence; physical, emotional or mental pressure; force; the system of forces applied to a body; the instant assigning of weight or importance; emphasis; relative emphasis placed on a syllable or word; distraint; to apply stress to; to subject to stress or strain; to lay stress on; to emphasize. چڪ، شدت، زور، دٻاءُ، سختي، داٻ، شدمد، (حرف تي) زور، ڪنچاءُ، دٻاءُ، ٻل، ٻوجهه، تاڪيد، دماغي يا جذباتي زور يا اثر، بدن تي زور وجهڻ جو سلسلو، زور وجهڻ، زور بار ڪرڻ، شد ڏيڻ، لفظ تي زور ڏيڻ، زور هيٺ آڻڻ، زور ڏيڻ، ورجائڻ، تاڪيد ڪرڻ.

stress disease (اسٽريس ڊزيز) n a disease resulting from continuous mental stress. ذهني يا دماغي دٻاءُ ڪري ٿيل بيماري، چرياڳپ، سوداءُ، ذهني بيماري.

stressed-out (اسٽريسڊ آئوٽ) adj exhausted or incapacitated by psychological stress. دٻاءُ هيٺ، ڇڪيل، ذهني دٻاءُ هيٺ، سوداءُ جو مريض، چرياڻ، سودائي.

stress fracture (اسٽريس فريڪچر) n a fracture of a bone resulting from repetitive jarring, most commonly occurring in runners and other athletes. زور ڪري هڏي جو ٽٽڻ، گهڻي بار يا زور ڪري هڏي جو ٽٽي پوڻ، ڊوڙڻ ڪري هڏن جو ٽٽڻ.

stressful (اسٽريس فل) adj causing stress; mentally tiring. زور وجهندڙ، دٻاءُ وجهندڙ، دماغي طور ٿڪائيندڙ، ذهن تي بار وجهندڙ، پريشان ڪندڙ.

stress mark (اسٽريس مارڪ) n a mark used to indicate that a written syllable is stressed when spoken. شد جي نشاني.

stretch (اسٽريچ) vt, vi, n to extend (in space or time); to draw out; to expand, make longer or wider by tension; to spread out; to reach out; to exaggerate, strain, or carry further than is right; to lay at full length; to lay out; to place so as to reach from point to point or across a space; to hang by the neck; to be drawn out; to reach; to extend; to be extensible without breaking; to straighten and extend fully one's body and limbs; to exaggerate; to go swiftly; to act of stretching; the state of being stretched; an area, expanse; a straight part of a course; a term of imprisonment; a stretch limo. ڊگهو ڪرڻ، پکيڙڻ، ڊگهيرڻ، وڌائڻ، اينگهائڻ، سڌو ڪرڻ، ڪيرڻ، (لنگون) سامهڻ، تاڻڻ، ڇڪڻ، (ڪنپ) ليڙڻ، (هٿ)، پسارڻ، ڇڪي ولڻ، پکڙڻ، (ڳالهه کي) حد کان وڌائي پيش ڪرڻ، اينگهڻ، (جي) پکيڙ ۾ هئڻ، وڌڻ، (لنگون) ليٽي پوڻ، مروڙڻ، لڱ موڙڻ، ڦيلائڻ، پکيڙ، ڦهلاءُ، وڌاءُ، وسعت، ڇڪ، حد، ڪوشش، ڳاموڙ، ميدان.

stretcher (اسٽريچر) n a person who stretches; anything used in stretching eg gloves, hats; a frame for stretching a painter's canvas; a frame for carrying the sick or wounded; a rower's footboard; a crossbar or horizontal member; a brick, stone, sod, sandbag, laid horizontally with others in the forming of a wall; an exaggeration or lie. ڊگهيڙيندڙ، تيڙيندڙ، پکيڙيندڙ، ڦهلائيندڙ، ڪليل ڏولي، چنگل، لار، تختو، کٽ، بيمارن جي کڻڻ لاءِ کٽ يا ڏولي (جيڪا ڇڪي يا سڌي ڪري ڪم آڻجي) مريض لاءِ ڪٽولو، کلي، ڏولي، ڏاڏي، تختو، سڌي بيهاريل عمارتي مددي اڏاوت، ڪوڙ، لڪاءُ، ٺاڪو، ٻناڪ.

stretcher-bond or stretching-bond (اسٽريچر بانڊ آر اسٽريچنگ بانڊ) n a method of building with stretchers only, the joints of one course falling between those above and below. چڪ بند، ڦهلاءُ بند.

stretching course (اسٽريچنگ ڪورس) n a brick course entirely of stretchers. جاءِ يا عمارت جي سڌي ۽ لسي اڏاوت، اڏاوت جو ردو، اوساريءَ جو دور.

stretching frame (اسٽريچنگ فريم) n a machine for stretching cotton rovings; a frame on which starched fabrics are dried. ڪپهه تاڻڻ واري مشين، فريم جنهن تي ڪپڙو ڇڪي سڪايو وڃي.

stretching iron (اسٽريچنگ آئرن) n a currier's tool for dressing leather. چمڙو صاف ڪرڻ جو اوزار، چاقوءَ جهڙو اوزار.

stretch marks (اسٽريچ مارڪس) n marks on the skin resulting from a gain of weight, or on the abdomen after pregnancy. بدن يا کل تي ڇڪ جا نشان، عورتن جي پيٽ تي ٻار واري حالت ۾ واڌ جا نشان.

strew (اسٽريو) vt, n to scatter loosely; to cover dispersedly; to spread; to level; an assemblage of things strewn. ڦهلائڻ، ڇاٽڻ، وسائڻ، وڇائڻ، ڇٽڻ، پکيڙڻ، اجلايل شين جو ڍڪ.

strewth (اسٽريوٿ) interj. an oath; a mild oath (from God's truth). قسم، معمولي قسم.

stria (اسٽريا) n a fine streak, furrow, or threadlike

line, parallel to others; one of the fillets between the flutes of columns. ليڪ، ڌاڳي شڪل ٻيهڪ. ٻن ڪالمن جي وچ واري ليڪ، جهير، ڌار، ڦوٽ، چير پوڻ، جهري، لڪير، وٽي.

striate (اسٽريٽ) **vt** to mark with striae. ليڪون وجهڻ، ليڪون ڏيڻ، جهريدار، لڪيردار، ڌاري دار.

striated muscle (اسٽرئيٽيڊ مسل) **n** a voluntary muscle, or muscular tissue, whose fibres are transversely striated. پاڻ مرادو چرندڙ پنو يا مشڪ، جهريدار مشڪ، ڌاري دار گوشت.

striatum (اسٽرئيٽم) **n** the great ganglion of the forebrain. دماغ جي مرڪزي ڳنڍ، ڳوڙهي، مرڪز عصبي، بافتي سوزش.

striature (اسٽرئيچر) **n** mode of striation. جهري بندي عمل يا طريقو، لڪير بندي نمونو.

strich (اسٽرچ) **n** the screech-owl. چب يا ڳڪ جي قسم جو پکي، چبري جي قسم جو پکي.

stricken (اسٽرڪن) **adj** struck, affected; afflicted. زخميل، ڦٽيل، زير اثر، اثر هيٺ، مبتلا، (بيماريءَ ۾) ورتل، ڏڪل، گهايل، ماريل، آفت ستيل، عمر رسيدو، ماناڪائي متي آيل، وڏي عمر جو، رنجايل، ڏکويل، پيڙيل، هڄيل، دکايل، درد ولد، درد جو ماريو.

strickle (اسٽرڪل) **n** an instrument for levelling the top of a measure of grain or shaping the surface of a mould; a template; a tool for sharpening schythes; to level a measure of grain or shape the surface of a mold with strickle. ان سان پريل ٽانو جي مٿين سطح پوريءَ طرح سڌي ڪرڻ وارو اوزار يا ڳز، شڪل، تصوير، نقشو، خاڪو، تيز ڪرڻ جو اوزار، رواتي، سڌو ڪرڻ، ڌاتي سان ڪٽي سڌو ڪرڻ، هڪ جهڙي ٻيهڪ ڏيڻ.

strict (اسٽرڪٽ) **adj, n** exact; rigorous; allowing no laxity; austere; observing exact rules, regular; severe; exactly observed; thoroughgoing; tight; narrow; stiff and straight; close, intimate; restricted. بلڪل تاڪيدي، (حڪم) ڪرڙو، سخت، قاعدي جو سخت، پابند، بلڪل صحيح، برابر، عين غين، ٺيڪ (معني)، چست، پورو، سچو، ڇڏ ڇوٽ نہ ڪندڙ، هڪ ڳالهہ ڪندڙ، واحد ڪلام، ڪنجوس، بخيل، رکو، کهرو، سخت، ٺيمائتو، ٺهرايل، باقاعدي، پورو، رساڪار، ڪامل، پوروسڪيل يا ڪيڙيل (کهوڙو)، سوڙهو، تنگ، چانو، سچائو، گهائل ماڻل، گهاٽو، بنديل، روڪيل، جهليل.

stricture (اسٽرڪچر) **n** an adverse remark or criticism; strictness; abnormal narrowing of a passage; a binding; a closure; tightness. الزام، ٺپو، نڪتہ چيني، عتاب، هيب، سخت ڪلامي، چند، سڪڙجڻ، (سوراخ جو) بند ٿيڻ، سوڪڙ، روڪ، سختي، بندش.

stride (اسٽرائيڊ) **vi, vt** to walk with long steps; to take a long step; to straddle; to stride over; to cover a distance by striding; a long step; a striding gait; the length of a long step; stride piano; trousers. اورانگهڻ، اورانگهون پائڻ، وک، وٿي، گام، پرانگهون، اورانگهہ، وڏيون وکون کڻڻ، قدم، وک، وجهڻ جو طريقو، وک جو مفاصلو، پيالي جو قسم، سلوار، پتلون.

strident (اسٽرائيڊنٽ) **adj** (of a voice) loud and grating; urgent, commanding attention. (آواز) کهرو، ڪرخت، سخت، ڪڙو، اڻ وڻندڙ، تکڙو، ڌيان ڇڪائيندڙ، تکو، چيندڙ.

stridulant (اسٽرائيڊيولنٽ) **adj** stridulating; pertaining to stridor. رهڙڻ، تڏ جو آواز، تڏ جي آواز جي باري ۾.

stridulate (اسٽرائيڊيوليٽ) **vi** to make a chirping or scraping sound, like a grasshopper. رهڙڻ سان ڪڙڪڙ جو آواز ٿيڻ، ڪڙ ڪڙ جو آواز، تڏيا مڪڙ جهڙو آواز ڪڍڻ.

stridulation (اسٽرائيڊيوليشن) **n** the act of stridulating. رهڙڻ جو عمل.

stridulator (اسٽرائيڊيوليٽر) **n** an insect that makes a sound by scraping; the organ it uses. چر چر جو آواز ڪڍندڙ جيت، تڏ، تڏو، مڪڙ، تڏ جا اهي عضوا جن رستي اها آواز ڪڍي ٿي.

strife (اسٽرائيف) **n** contention or conflict; variance; striving; any sort of trouble, hassle. معاملو، ٽنٽو، چٽا پيٽي، جهڳڙو، جد،جنگ، لڙائي، ڦڏو، فساد، جهيڙو،دشمني، مسئلو، هلچل، هراس، افراتفري، مقابلو، وڙهڻ، سامهون ٿيڻ، مقابلو ڪرڻ، منهن ڏيڻ، ڦڏو ڪرڻ، فساد ڪرڻ.

strife-torn (اسٽرائيف ٽورن) **adj** severely disrupted, damaged, by conflict. جهيڙي ستيل، بغاوت ورتل علائقو، جنگ ڪري نقصان رسيل، لڙائي يا الدرولي ڏڦيڙ جي اثر ڪري تباهہ ۽ برباد ٿيل ملڪ.

strig (اسٽرگ) **n, vt** a stalk; to remove the stalk from. ميوي ڏانڊي، ننڍي ميوي بوٽو، اريغ ميوي جي ڏانڊي، اريغ جي ٻيات واري وچين ڏانڊي جنهن ۾ پنکڙيون ۽ ٻج هوندا آهن، بوٽو يا ڏانڊي پٽڻ.

striga (اسٽرگا) **n** a stria; a bristle, usu an appressed bristle. جهير، ڌار، ڦوٽ، چير پوڻ، جهري، ليڪ، لڪير، سخت وار، مڇ جو وار، اچو يا ڪڙو وار.

Striges or Strigiformes (اسٽرائيجيس آر اسٽريجيفارميز) **n** in some classifications, the order comprising the owls. چبري جي جنس جا پکي، ڳڪ پکيءَ جو خاندان، چبرن جو خاندان.

strigil (اسٽرگل) **n** a scraper used to clean the skin after bath; (in bees) a mechanism for cleaning the antennae. ڪل ڪي وهنجڻ کان پوءِ کرڙڻ وارو اوزار، ڪنهڻ جو اوزار، ڪرڪئو، (ماکيءَ جي مک جو) مڇ يا وار کي صاف ڪرڻ جو نظام.

Strogops or **Stringops** (اسٽروگوپس آر اسٽرنگوپس) **n** the kakapo or owl-parrot genus.چهري صورت طوطي جي جنس جا پکي، نيوزيلينڊ ۽ آسٽريليا جا چهري صورت طوطا.

strigose (اسٽرائگوس) **adj** marked with streaks; having bristles. لڪيردار ، واردار، ليڪ دار.

strike (اسٽرائيڪ) **vt, vi & n** to give a blow to or with; to hit, smit; to come into forcible contact with; to deal, deliver, or inflict; to bring forcibly into contact; to impel; to put, send, move, render or produce by a blow or stroke; to render as if by a blow; to impress; to impress favourably; to afflict; assail, affect; to affect strongly or suddenly; to mark off; (of a line or path) to draw, describe, give direction to; to arrive at, estimate, compute, fix, settle (as a balance, an average, prices); to make a compact or agreement; to ratify; to occur to; to assume a pose or an attitude; to lower a sail, flag or tent; to take down the tents; to announce by a bell; to come upon, reach; to stamp; to coin; to print; to delete, cancel; to constitute; to broach; to fight; to blast, bewitch; to hook a fish; to strickle; to stroke; to dart, shoot, pass quickly; to penetrate; to jerk the line suddenly; to put forth roots; to chance, alight, come by chance; to interpose; to deal or aim a blow; to touch; to run aground; to surrender; to go on strike; to blast, blight; a stroke, striking; an attack; a raid; the direction of a horizontal line at right angles to the dip of a bed; a stroke of luck; a cessation of work, or other obstructive refusal to act normally, as a means of putting pressure on employers etc.ڪتڻ، ڦهڪائڻ،مارڻ، هڻڻ، لڪرڻ، پچاڙڻ، ٺوڪڻ، ڌڪ هڻڻ، (سڪو) ضربڻ، (ڪي سان) لڳڻ، (باجو) وڄائڻ، لڙڪائڻ، هڻڻ، چيرڻ، (سڙهه) ميلڻ، (تنبو يا جهنڊو) لاهڻ، (سودو) ڪرڻ، خاصو ڪ (تيلي) ٻارڻ، (الڏو) ڪرڻ، (جهولي جو) جهڙپڻ، دل ۾ هرڻ، عجب ۾ وجهڻ، پهچڻ، رسڻ، تيار ڪرڻ، ٺاهڻ، مڇي (ڪنڍي سان) ڦاسائڻ، پڪڙڻ، جهلڻ، (اندر) داخل ٿيڻ، هٿ لائڻ، ڪنهن وڄائي اعلان ڪرڻ، پڙهو ڏيڻ، دهل وڄائڻ، ٻيجي لڪرڻ، چڙائي وجڻ، اتفاقي طور پهچڻ، ٽڪرو وجڻ، لڪري وجڻ، هٿيار ڦٽا ڪرڻ، پيش پوڻ، هراسڻ، هراس ۾ وجهڻ، (دل ۾) اچي وجڻ،اثر ڪرڻ، ڪسڻ، ڦرڻ، (پاڙ) هڻڻ، (سمجهه ۾) اچڻ، ٺوڪڻ، مارڻ، (بقايا) ڪڍڻ، (ٻيڙيءَ جو) چبجڻ، وجڻ، ڦهڪڻ، لڳڻ، چيڻ، هڙتال ڪرڻ، ڪم بند ڪرڻ، ڪيرائڻ، ليهه ڏيڻ، (رقم) وارڻ (پنا) ڇپڻ، (سسي) لاهڻ، تجويز ڳولي ڪڍڻ، (ڪاڏي) روانو ٿيڻ، ٻڌي، هڙتال، هٿ تاڙ، هٿ بندي، احتجاج.

strikebound (اسٽرائڪ بائونڊ) **adj** closed or similarly affected because of a strike.هڙتال جي اثر هيٺ، هڙتال يا هٿ تاڙ ڪري بند ٿيل، احتجاج طور بند.

strikebreaker (اسٽرائيڪ بريڪر) **n** a person who works during a strike or who does the work of a striker, esp if brought in with a view to defeating the strike.هڙتال ٽوڙيندڙ، هڙتال يا هٿ تاڙ دوران نوڪريءَ تي ايندڙ (ملازم)، هڙتال مخالف.

strikecall (اسٽرائيڪ ڪال) **n** an invitation to workers by union representatives to go on strike.هڙتال جو چتاءُ، هٿ تاڙ جو سڏ، ڪارڪنن کي هڙتال تي هليو وڃڻ لاءِ دعوت يا اشارو.

strike dumb (اسٽرائيڪ ڊم) **vt.** to silence with astonishment عجب کائڻ، عجب ۾ پئجي وڃڻ، تعجب کائڻ.

strikefault (اسٽرائيڪ فالٽ) **n.** (geol) a fault parallel to the strike. زمين ڏبڻ واري حالت.

strike force (اسٽرائيڪ فورس) **n** a force designed and equipped to carry out a strike; a special police unit trained to strike suddenly and forcefully to suppress crime.هڙتال ڪرڻ لاءِ تيار ڪيل ڪارڪن، هڙتال کي منهن ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيل پوليس، ڏوهن کي روڪڻ لاءِ خاص پوليس جو جٿو.

strike-measure (اسٽرائيڪ ميزر) **n** measurement by passing a rod across the top of a heaped container to ensure that it is exactly full.مال يا سامان سان ڀريل دٻي يا ٿالهه کي ڇڪاسڻ لاءِ لوهي گز يا سيخ.

strike-out (اسٽرائيڪ آئوٽ) **vt, vi** to efface; to bring into light; to direct one's energy and efforts boldly outwards; to swim away; to dismiss or be dismissed by means of three strikes; to fail completely; to remove (testimony, or an action) from the record; to strike from the shoulder; to form by sudden effort.ڊاهڻ، ميٽڻ، ميسارڻ، (رقم) وارڻ، سامهون آڻڻ، روشنيءَ سامهون ڪرڻ، ڪنهن معاملي طرف ڌيان ڏڻ يا ڪوشش ونڻ، ترڪي وڃڻ، ٽن هڙتالن رستي ختم ڪرڻ، مڪمل ميسارڻ، ڊاهي ڇڏڻ، شاهديون يا نشانيون ميسارڻ، ڪلهي تان هيٺ اڇلائڻ، ڌڪو ڏيڻ، اوچتو ڪرڻ، ڦهڪڻ، اوچتي ڪوشش سان تيار ڪرڻ.

strike pay (اسٽرايڪ پي) **n** an allowance paid by a trade union members on strike.هڙتالي ڪارڪنن کي يونين طرفان (هڙتال دوران) ملندڙ پئو.

striker (اسٽرائيڪر) **n** one who or something that strikes; footpad; a batsman; a forward, attacker, esp one whose task is to attempt to score goals (football); the batsman facing the bowling; that strikes or can strike; impressive arresting, notice-

able. مٿندڙ، مارڻ وارو، ڌڪ هڻندڙ، هڙتالي، پير رکڻ وارو تختو. نوڪر، خادم. (راند ۾) اڳيان کيڏندڙ رانديگر. (ڪرڪيٽ ۾) بال کيڏڻ وارو رانديگر. ڌڪ هڻي سگهندڙ، اوچتو گهيرڻ، گرفتار ڪرڻ، ڌيان ۾ ايندڙ، ڌيان ڇڪائيندڙ.

strike zone (اسٽرائيڪ زون) **n** (baseball) the area above home plate extending from the batter's knees to his or her armpits. (بيس بال راند ۾) بال کيڏڻ واري رانديگر جي بدن جو ڪيچن کان گوڏن تائين جسم جو حصو.

striking (اسٽرائيڪنگ) **adj, n** impressive; attracting attention; (of a clock) making a chime to indicate the hours; the act or an instance of striking. چرڪائيندڙ، حيرت جهڙو، نمايان، اثرائتو، عجيب، حيران ڪندڙ، دلچسپ، ڌيان ڇڪائيندڙ، خاطرنشين، موثر، ڪشش ڪندڙ، ڇڪيندڙ، متوجهه ڪندڙ. (گهڙيال جو) گهنڊ وڄائي وقت ٻڌائڻ. ڌڪ هڻڻ جو عمل يا فعل.

striking-circle (اسٽرائڪنگ سرڪل) **n** (hockey) the area in front of goal from within which the ball must be hit in order to score. (هاڪي راند ۾) گول ڪرڻ واري ميدان جو نشان. گول ڪيپر جي اڳيان ڪڍيل اڌ گول جو نشان.

striking-price (اسٽرائڪنگ پرائيس) **n** a stipulated price at which a holder may exercise his or her put or call options. اگهه جنهن تي سودو ٿيي اچي، راند جوڏاڻ جنهن تي مالهو گول ڪري يا ڌڪ هڻي.

Strimmer ® (اسٽرمر) **n** a machine for cutting grass, esp in areas inaccessible to a lawn mower, using a filament or length of string cord (instead of a blade) that rotates rapidly within a protective guard. گاهه ڪٽڻ جي هڪ خاص مشين جيڪا تيزيءَ سان ننڍو، وڏو ۽ سنهو، ٿلهو گاهه يا ڇٻر ڪٽي وجي.

Strine (اسٽرائين) **n** a jocular name given to Australian English in terms of its vernacular pronunciation (with frequent assimilation, elision); Australian. آسٽريليا ۾ ڳالهائي ويندڙ انگريزي ٻوليءَ ان جو لهجو. آسٽريليا جو باشندو.

string (اسٽرنگ) **n, adj, vt & vi** a small cord or a piece of it; cord of any size; a hangman's rope; a piece of anything for tying; a leash; a shoelace; a stretched piece or fibre; a leash; a shoelace; a stretched piece of catgut, silk, wire or other material in a musical instrument; the stringed instruments played by a bow in an orchestra or other combination; the cord of an archery bow; in theoretical physics, a minute, one-dimensional entity in space; the thread of a necklace or the like anything on which things are threaded; a filing cord; a set of things threaded together or arranged as if threaded; a train, succession, file or series; a sloping joist supporting the steps in wooden stairs; a string course; a hoax; awkward or undesirable conditions or limitations; of, like or for string or strings; to fit or furnish with a string or strings; to make tense or firm; to tie up; to hang; to hoax, humbug. تند، تندو، ڌوري، ڌور، سڳو، ڌاڳو، سوٽلي، رسي، لوڙي. سلسلو، پڙرو، تار، سر، مالها، ڪنڍي، سنگهار، قطار. (تنبوري جي) تار. (زبان جي) ڳنڍ، زهه، ڇيوڻ، سهس، وتر. (الب جو) ريشو. (ماکيءَ جي) لار، تاڻڻ، پڻڻ، (تنبوري ۾ تارون) چاڙهڻ. (رڳن کي) مضبوط ڪرڻ، ڇڪڻ، ڳنڍ ٻڌڻ، ڌوريءَ يا رسيءَ سان جهلڻ، لٽڪڻ، ٺڳي ڪرڻ، مسخري ڪرڻ، مسخري، مذاق، شور شرابو، گوڙ، هل هنگامو.

string band (اسٽرنگ بئنڊ) **n** a band of stringed instruments. تارن واري ساز جي هڪ تار، تند، زهه يا ڌوري.

string bass (اسٽرنگ باس) **n** a double bass. ساز جو قسم.

string bean (اسٽرنگ بين) **n** the French bean. ولائتي مٽر.

string board (اسٽرنگ بورڊ) **n** a board facing the well-hole of a staircase, and receiving or covering the ends of the steps. ڏاڪڻ جي سوراخ جي ڇت يا ڍڪڻ وارو حصو.

string course (اسٽرنگ ڪورس) **n** a projecting horizontal course of bricks or line of mouldings running quite along the face of a buil سرن جو ٻاهر تي نڪتل ردو. ٻاهر تي نڪتل اوساريءَ واريون سرون.

stringed (اسٽرنگڊ) **adj** (of musical instruments) having strings. تارن وارو ساز، ڌوردار ساز.

stringendo (اسٽرنگينڊو) **n** (music) played with increasing speed (Ital). (موسيقي يا وڄت) جيئن پوءِ تيئن تيز يا وڌيڪ آواز سان.

stringent (اسٽرنجنٽ) **adj** tight, binding, rigorous, demanding close attention to detail, set procedures, characterized by difficulty in finding money. سخت، پابندي ڪندڙ، ڪرڙو، سخت، تاڪيدي، ضروري، تيز، ڌکيو، پختو، سپنڌ، ڏاڍو، قابو، تنگ، سوڙهو، پڪو، چست، گرم، تيز، تکو، ٻڌندڙ، بلڪل پورو، زبردست، ترتر، تمام گهڻو ڌيان ڇڪائيندڙ، مقرر ڪيل طريقي ڪار، پيسي ڏوڪڙ جي تنگي محسوس ڪندڙ.

stringer (اسٽرنجر) **n** one who or that which strings, a horizontal member in a framework, an interior horizontal plank, supporting the beam ends of a ship, a narrow mineral vein, a journalist employed part-time by a newspaper or news agency to cover a particular town or area. رسا يا ڌوريون وٽيندڙ، ناهيندڙ. لڪڙو جنهن ۾ ڏاڪڻ جا ڏاڪا لڳل هجن، ڏاڪڻ جي ٻانهين، ڏاڪي

صورت بيهڪ. جهاز جو سڌو بيهاريل تختو يا جهلو. پٺر جي سنهي رڳ. ڪنهن ڳوٺ يا علائقي ۾ وقتي طور مقرر ڪيل اخباري نمائندو يا خاطو.

stringhalt (اسٽرنگ هالٽ) n a catching up of a horse's legs, usu of one or both hindlegs, caused by a muscle spasm in the hook.گهوڙي جي پوئين ٽنگن جي پٺي يا مشڪ جو چڙهي پوڻ.

string pea (اسٽرنگ پي) n a pea with edible pods.ڪاچرو. ڦري، ڦريءَ وارو ميوو يا ڀاڄي.

string piece (اسٽرنگ پيس) n a long , heavy, usu horizontal timber used to support a framework; the string of a staircase..ڪنهن بيهڪ جي مرڪزي ڪامر يا پٽي. ڏاڪڻ جو ڏاڪو. ڏاڪڻ جي ڏوري.

string quartet (اسٽرنگ ڪوارٽيٽ) n a musical ensemble of two violins, a viola and a cello; music for such an ensemble. موسيقيءَ جو اوزار. تارن وارو ساز.

string theory (اسٽرنگ ٿيوري) n the theory that all fundamental particles in the cosmos arise from strings (invisibly small, one-dimensional, elastic entities) and that the characteristic properties of each particle are determined by the vibration and rotation of the string, much in the same way as the tension of a violin string determines the sound produced.نظريو تہ ڪائنات ۾ موجود سڀئي بنيادي اڻا هڪ ٻئي سان نظر نہ ايندڙ ڏوريءَ، تند يا تار رستي ڳنڍيل آهن ۽ سندن هڪ ٻئي سان تعلق ان تار جي ڦرڻ يا لڏڻ سان گهٽ وڌ يا ويجهو پري ٿيندو رهي ٿو. اڻن جو پاڻ ۾ تعلق بابت سائنسي اصول.

stringvest (اسٽرنگ ويسٽ) n a vest made of a netlike fabric.ليٽ جهــڙي يا جاريءَ واري بيـــهڪ واري گنجي. جاريدار. اندروني پوشاڪ.

stringy (اسٽرنگي) adj consisting of, or abounding in, strings or small threads; fibrous; capable of being drawn into strings; like string or a stringed instrument.جاريءَ وارو. تندر تند وارو. تند وارو. مـيـوو (الب). ڏاڳن وارو. ڏاڳي دار. ريشيدار.لس دار. تند يا ڏاڳي جي صورت وٺندڙ. ڏوريءَ يا تند وارو. موسيقيءَ جو اوزار.

stringy-bark (اسٽرنگي بارڪ) n one of a class of Australian eucalyptus with very fibrous bark.آسٽريليا جو بيد مشڪ جو وڻ (جنهن جو ڇوڏو تند دار آهي). جاريدار ڪل وارو آسٽريليا جو بيد مشڪ وڻ. ڏاڳي دار ڇوڏو. ريشي دار ڪل.

strip (اسٽرپ) vt, vi & n to pull, peel, or tear off; to doff; to divest; to undress; to reduce to the ranks; to deprive of a covering; to skin, to peel, to husk; to lay bare, expose; to deprive; to clear, empty; to dismantle; to clear of fruit, leaves, stems, midribs, or any other part; to press out the last milk from a cow or obtain milk in this way; to press out the roe or milt from; the handle as if milking a cow; to cut in strips; to put strips on; to outstrip, press; to remove a constituent from a substance by boiling, distillation; to break the thread of a screw or a tooth of a gear; to unload; to undress; to perform a striptease; to come off; to go swiftly; a long narrow piece; along thin piece of rolled metal; a narrow space in a newspaper; a lightweight uniform; an airstrip; a row of three or more connected stamps.(ڪل) اتارڻ يا لاهڻ. (ڪپڙا) لاهڻ. (چوڏو) لاهڻ. پٽــو ڪرڻ. (اگهاڙو) ڪرڻ. ننگو ڪرڻ. اگهاڙڻ. ڪسڻ. ڇلڻ. لٽڻ. ڦري فقير ڪرڻ. چوڪڻ. نچوڙڻ. نپوڙڻ. ڇنڊي ڏهڻ. چوڻي ڇيوڻي ڏهڻ. پانڊا ڪيڻ. ڳئون جي اوهہ مان کير جا آخري ڦڙا يا پانڊا ڏهي ڪيڻ. اوهہ ڇنڊي ڏهڻ. لوڙي، رسي، پٽي، تاڪي، گوهو، ڇهبڪ. ڦيٽ، پٽو. فتيل. لڪر. ليڙ. چڙهي، پٽڙي، پٽر. ٽڪلين جي لڳاتار فتيل يا پٽي.

strip cell (اسٽرپ سيل) n a secure room without furnishings or fitting in a psychiatric hospital, in which seriously disturbed patients are confined..چرين جي اسپتال جو ڪمرو جنهن ۾ ڪابہ شيءِ نہ هجي. دماغي مرض جي مريض کي رکڻ وارو هر شيءِ کان خالي ڪمرو.

strip club (اسٽرپ ڪلب) n one which regularly features striptease artists..اگهاڙپ وارو ناچ پيش ڪندڙ هوٽل. ننگو ناچ ڏيکاريندڙ ڪلب.

stripe (اسٽرائيپ)n, vt a blow, esp with a lash; a band of colour; a chevron on a sleeve, indicating non-commissioned rank or good behaviour; a striped cloth or pattern; a strip; a strain; a kind, particular sort; magnetic sound tracks(s) on cinema film for sound-film reproduction; to make stripes on; to mark with stripes; to lash.جهنڊي، ڦيٽ. ليڙ. گهاري، پٽي. پٽو. ليڪ. ليڪو. ليل. ڏئو. ڦٽڪو. ڇهبڪ. ڌڪ جو ڏئو يا نشان. رنگين پٽي. لينگهو. ڪرائيءَ جي پٽي. پٽا پٽي ڪپڙو. رهڙ جو نشان. قسم. جنس . فلم جي پٽيءَ سان آواز رڪارڊ ڪرڻ واري ليڪ. ليڪا ڪيڻ. پٽا ڪيڻ. ڌڪ هڻڻ. ڇهبڪ هڻڻ.

strip-leaf (اســـٽــرپ ليف) n tobacco stripped of stalks. ڏليون لڪتل. تماڪ. صاف ڪيل تماڪ جو پن.

strip lighting (اسٽرپ لائيٽنگ) n lighting by means of long fluorescent tubes..لمبين وسيلي ڪيل روشنيءَ جو نظام.

stripling (اسٽرپلنگ) n a youth. .ڳڀرو. لاسيار. ڳڀرو. لاسيات. لاسڙيات. ڳرت. الڙ. لونهال. سوٽ. ننڍو ڇوڪر. يار. جوان. پنو. ٻچت.

strip map (اسٽرپ مئپ) n a map showing a long nar-

row strip of country, used esp by airmen. هوابازن جي استعمال جو زميني پٽيءَ جونقشو. ميداني علائقي جو نقشو.

strip mill (اسٽرپ مل) n a mill where steel is rolled into strips. لوهي پٽيون (گارڊر، ليٽر وغيره) ٺاهيندڙ لوهه جو ڪارخانو يا بٺو.

strip mine (اسٽرپ مائين) n an opencast mine in which the overburden is removed (stripped) before the valuable ore is excavated. ڪليل کاڻ. ميداني کاڻ.

stripped atom (اسٽرپڊ آئٽم) n an ionized atom from which one or more electrons have been removed. کهٽايل قوت وارو جوهري اڻو.

stripper (اسٽرپر) n one who or something that strips; a striptease artist. اگهاڙو ٿيندڙ ماڻهو (عورت) اگهاڙو ناچ ڪندڙ عورت (يا مرد). اگهاڙي ناچڻي.رنڊي. رقاصه.

strip-poker (اسٽرپ پوڪر) n poker in which losses are paid by removing articles of clothing. جوا راند جنهن ۾ ماڻهو ڪپڙا به هارائي ويهي.

strip search (اسٽرپ سرچ) n a search of a person's body (for hidden items, eg drugs, contraband) for which their clothes are removed. اگهاڙو ڪري انسان جي جاچ وٺڻ.

striptease (اسٽرپ ٽيز) n an act of undressing slowly and seductively, esp as entertainment. ناچڻيءَ جو نچندي نچندي ڪپڙا لاهي اگهاڙو ٿيڻ جو عمل.

stripdown (اسٽرپ ڊائون) vt to dismantle, remove parts from. کولي جدا ڪرڻ. ٽوڙي الڳ ڪرڻ. پرزن کي سنڌن يا جوڙن کان جدا ڪرڻ.

strip off (اسٽرپ آف) vt to take one's clothes off. ڪپڙا لاهي ڦٽي ڪرڻ. اگهاڙو ٿيڻ.

strip out (اسٽرپ آئوٽ) vt to remove one or more items from a balance sheet to give a truer picture of a firm's trading and financial position. ڪنهن اداري طرفان غير ضروري اسم خارج ڪري حساب ڪتاب کي واضح ۽ صاف ڪرڻ.

strive (اسٽرائيو) vi to contend; to be in conflict; to struggle; to endeavour earnestly; to make one's way with effort. مٿو هڻڻ. جتن ڪرڻ. آدر. سعيو. ڪوشش ڪرڻ. وڙهڻ. لڙڻ. مقابلو ڪرڻ. سامهون ٿيڻ. مهاڏو اٽڪائڻ. جانفشاني ڪرڻ. محنت ڪرڻ. جهڳڙڻ. آدر ڪرڻ. پوري پوري ڪوشش ڪرڻ. محنت سان اڳتي وڌڻ.

stroam (اسٽروم) vi to wander idly about; to stride. رلڻ. گهمڻ ڦرڻ. بنا مقصد جي هيڏي هوڏي وڃڻ. اجائي هل ملان ڪرڻ. ڦرڻ گهرڻ. ٻرانگهون پائڻ. وڏا قدم کڻڻ.

strobe (اسٽروب) n the process of viewing vibrations with a stroboscope; a stroboscope or stroboscopic light. لرزش کي مخروط بين سان ڏسڻ. اوزار سان لهرن جو اپياس ڪرڻ. مخروطي روشني.

strobic (اسٽروبڪ) adj like a spinning-top; spinning or seeming to spin. لاٽونءَ صورت. لاٽونءَ وانگر ڦرندڙ. ڦرندو. نظر ايندڙ. ڦرندڙ روشنيءَ جا ڪرڻا. ڦرندڙ نظر ايندڙ روشني.

strobila (اسٽرو بائلا) n (in the lifecycle of jellyfishes) a chain of segments, cone within cone, that separate to become medusoids; a chain of segments forming the body of a tapeworm. ڏکيو جيوڙو. مخروطي جيوڙو. جدا جدا حصن يا ڇلن وارو جيوڙو. جيلي مڇيءَ جو حياتياتي ڦيرو.

strobilaceous (اسٽروبليشس) adj of or like a strobile; bearing strobiles. مخروطي. مخروط نما.

strobilate (اسٽروبليٽ) vt, adj to undergo strobilation; of the nature of a strobilus. مخروطي ٿيڻ يا بڻجڻ. مخروطي شڪل يا صورت ۾.

strobile (اسٽروبائل) n a strobila; a strobilus. مخروط. مخروط نما.

strobilus (اسٽروبائلس) n a close group of sporophylls with their sporangia, a cone; a scaly spike of female flowers, as in the hop. مخروط دار. مخروطي پرميل جو جيوڙو. مادي گل جي ڇلردار ٻاهرين بيهڪ يا گل جو ڇلر دار سنگ.

stroboscope (اسٽريبو اسڪوپ) n an optical toy giving an illusion of motion from a series of pictures seen momentarily in succession; an instrument for studying rotating machinery or other period phenomena by means of a flashing lamp which can be synchronized with the frequency of the periodic phenomena so that they appear to be stationary. مخروط بين. گردش نما. گول گهمندڙ تصويرن کي ڏسڻ وارو اوزار. گول گهمندڙ مشيني پرزن يا گول روشنيءَ جي ڦرڻ جو اپياس ڪرڻ وارو اوزار.

stroganoff (اسٽراگناف) n, adj (of meat) cut thinly and cooked with onions, mushrooms and seasoning in a sour cream sauce; also applied to vegetables cooked in this way; a dish cooked in this way. گوشت کي سنهين لسرين ۾ ڪٽي بصر، کنڀين ۽ مصالحن ۾ رڌڻ. گوشت جي سنهين ڪترين جون ڀاڄيون ۽ مصالحا پيل ٻوڙ. گوشت يا ڀاڄين جي ڪاتر وارو ٻوڙ.

stroke[1] (اسٽروڪ) n, vt & vi an act or mode of striking; a hit or attempt at hitting; a blow; a striking by lightning; a reverse; damage to part of the brain caused by diminished blood flow or leakage of blood through the walls of blood vessels, leading

to impairment of sensation, function or movement in those parts controlled by the damaged area; the striking of a clock or its sound; a dash or line; a touch of pen, pencil, brush; a trait; a beat, pulse; a sudden movement or occurrence; a particular named style or manner of swimming; a single complete movement in a repeated series; a stroke oar; an effective action, feat, achievement; to put a stroke through or on; to cross; to row as stroke in or for; to row at the rate of; to row as the stroke-oar; to make a stroke, as in swimming.ڌڪ
هڻڻ جو حملو، ٺوڪ، ڌڪ، چوٽ، ضرب، کوڙ يا وچ جو ڌڪ، پوڪي وڃڻ، دماغ جو رت ۾ ملڻ ڪري بيهوشي اچڻ، صدمو، ڪاري ڌڪ، چارپ، ٺپ، وار، گسڪو، گهڪو، جهپاٽو، (جهولي جي) سٽ،جهرپ، (صورت کي) بيڃاڙيءَ جو هٿ، ٺڪاءُ، ڌڪو، ٺڪر، ٺوڪر، فالج، سڪتو، ٺپ، ترڻ جو خاص نمونو، ترڻ ۾ اختيار ڪيل طريقو، ڌڪ هڻڻ، هٿ ڦيرائڻ، ونجهه جو هڪ ڦيرو، ونجهه هلائي اڳتي وڌڻ، اڳتي لڪري وڃڻ، تيز ترڻ، هٿ پير هلائڻ.

stroke[2] (اسٽروڪ) **vt, n** to rub gently in one direction; to rub gently in kindness or affection; to put or direct by such a movement; to reassure or flatter with attention; to milk, strip; to tool in small flutings; to whet; to set in close gathers; to strike, move a ball smoothly; an act of stroking. ٿپڻ، هٿرو
گهمائڻ، (مارو) گهمائڻ، لسائڻ، (وار) لسا ڪرڻ، هڪ طرفي هلڪي مالش ڪرڻ، ٿاپي، ٿپڻ، گهڪو، ويجهو ڪري رکڻ، آسرو ڏيڻ، تعريف ڪرڻ، معمولي ڌيان ڏيڻ، کير ڏهڻ، وانجهو يا خالي ڪرڻ، سنهو ڪرڻ، گهڻ، (ڪرڪيٽ راند ۾) بال کي آهستي ڌڪ هڻڻ، ڌڪ هڻڻ جو عمل.

stroke oar (اسٽروڪ اور) **n** the aftmost oar in a boat; its rower, whose stroke leads the rest.ٻيڙيءَ جي آخر ۾
ويڙل ملاح، آخري چپو يا ونجهه هلائڻ وارو ناکئون.

stroke play (اسٽروڪ پلي) **n** scoring by counting the total number of strokes played (rather than the number of holes won) (golf).گولف راند ۾ اسڪور جو
هڪ طريقو جنهن ۾ هنيل ٽوٽل ڌڪن کي ڳڻيو ويندو آهي.

stroll (اسٽرول) **vi, n** to walk at a leisurely pace; to saunter; to wander from place to place; a leisurely walk; a stroller..ٿورو گهمڻ ڦرڻ، سيرڪرڻ، گشت ڪرڻ، پسارڻ، پسار ڪرڻ، چڪر ڏيڻ، گهمتاري ڏيڻ، روڻ، رلڻ، پٺڻ، گهمڻ گهتڻ، چڪر، ٽور، گهوم، جهوت، گهمتاري، پنڌ ڪرڻ، پنڌ ملڻ، هوا خوري ڪرڻ، هوا کائڻ، واڪ ڪرڻ.

stroller (اسٽرالر) **n** a person who strolls; a wanderer; a saunterer; a vagrant; an itinerant; a pushchair.سير
ڪندڙ، گهمندڙ، پنڌ ڪندڙ، رلندڙ، هيڏانهن هوڏانهن ڦرندڙ، رولو، رولاڪ، بي گهر، سيلاني، گهوماڪڙ، گشت ڪندڙ، رمتو، ڦيٿن واري ڪرسي، ٺيلهڻ واري ڪرسي.

stroma (اسٽروما) **n** a supporting framework of connective tissue; a dense mass of hyphae in which a fungus fructification may develop; the denser part of a blood-corpuscle, chloroplast etc..نسل، اوجو،
شڪل، ڍانچو، رت جو گهاٽو مادو يا حصو.

stromatolite (اسٽروميٽو لائٽ) **n** a rocky, greenish-brown mass, often dating from Precambrian times, consisting of calcium carbonate precipitated by dense mounds of microbes living in warm, shallow water.ارضي طبق جو هڪ سائي مائل پورو لکر، سائو پورو
معدني ڌاتو.

stromb (اسٽرامب) **n** a very large gasteropod related to the whelk; its shell with short spire and expanded lips. ڪوپيدار جيو، ڪليل وات واري صدفي جيوت.

strombuliferous (اسٽرامبليفيرس) **adj** bearing spirally coiled organ or parts..پيچ نما شڪل، ور وڪڙ شڪل،
اسپرنگ وانگر مڙيل صورت ۾.

strombuliform (اسٽرامبوليفارم) **adj** shaped like a spinning top; spirally twisted.پيچ شڪل، مڙيل شڪل، چلي
صورت.

strombus (اسٽرامبس) **n** the stromb, any gasteropod mollusc of the genus; a spirally coiled pod.ڦل، تخم
دان، پر ڪوپو، ڪنب خول، چلي شڪل ڦري.

strong (اسٽرانگ) **adj** powerful; forcible; forceful; (of wind) fast-moving; vigorous; hale; robust; of great staying power; firm; resistant; difficult to overcome; steadfast; excelling; efficient; of great tenacity of will and effective in execution; able, competent; well-skilled or versed; rich in resources or means to power; well provided; numerous; numbering so many; of vigorous growth; still, coarse, and abundant, indicating strength; (of language) intemperate, offensive and unseemly; gross; violent; grievous; having great effect; intense; ardent and convinced; performed with strength; powerfully or unpleasantly powerfully; affecting the senses; rank; vivid; marked; of the strongest type of interaction between nuclear particles..مضبوط، سخت، ڏاڍو، زور دار، زور پريو، موثر، پڪو، تکو،
قوي، ٻلي، ٻلپيار، جبرو، جاڏو، چالو، سترو، سگهو، تندرست، توانو، پختو، وڏو، قوي، ڪڙاڪڙي، ڪرارو، پربل، زوراٿو، سبر، سگهاٿو، سگهارو، ڦرارو، سناٿو، توانو، سڌر، چوڙالو، قوي، (دليل) پڪو، (واءُ) ڪڙو، (طعام) مقوي، تکو، کهرو (شراب)، سخت

(زبان). زبردست، ڪاري باز. ڪٽڪ. گهڻي تعداد ۾. ماڪڙ وانگر. پرزور. تيز. شديد. پرزور. پر اثر.

strongarm (اسٽرانگ آرم) **n & adj** a person who uses violence; by, having, or using, physical force; to treat violently, show violence towards. فسادي. جهڙپيڪار. وڙهندڙ. هٿين پولڊڙ. ڦڏڻي. وڙهڻ. ڌڪ هڻڻ. مڪا ماري ڪرڻ. ڦڏو فساد ڪرڻ. جهيڙو ڪرڻ. دنگو مچائڻ.

strong box (اسٽرانگ باڪس) **n** a safe or strongly made coffer for valuables. تجوري. مضبوط ڪٻٽ. پئسن رکڻ جي مضبوط جاءِ.

strong drink (اسٽرانگ ڊرنڪ) **n** alcoholic liquors. شراب. تيز پاڻيٺ.

strong flour or **wheat** (اسٽرانگ فلور آر ويٽ) **n** one rich in gluten, giving bread that rises well. نشاستي سان ڀرپور اٽو. خميري دار اٽو. سگهاري ڪڻڪ. ڪڻڪ جون جنسون جن جو ان رڌ پچاءُ واري معياري اٽي پيهڻ لاءِ ڪتب اچي.

strong force (اسٽرانگ فورس) **n** the force that binds quarks together and holds neutrons and protons together to form atomic nuclei. جوهري مرڪز کي قائم رکندڙ مضبوط يا زور دار قوت.

stronghead (اسٽرانگ هيڊ) **n.** power to withstand alcohol or any dizzying influence. شراب يا نشي آور مادي کي برداشت ڪندڙ. موالي.

stronghold (اسٽرانگ هولڊ) **n** a fastness or fortified refuge; a fortress; a place where anything is in great strength. لڪڻ جي مضبوط جاءِ. قلعو. ڪوٽ. ڳڙهه.

strongman (اسٽرانگ مئن) **n** a person who performs feats of strength, in a circus; a person group that wields political, economic power. پهلوان. قوي. طاقتور. جانٺو. زوراڪو. سٻر. مضبوط. سگهو. توتي. قرارو. توانو. سياسي يا اقتصادي اثر يا قوت رکندڙ ماڻهو يا جٿو.

strongmeat (اسٽرانگ ميٽ) **n** solid food, not milk; anything tending to arouse fear, repulsion. پڪو يا سخت کاڌو. بنا پاڻيٺ جي پوڻو. ڀڳل پوڙ. ڊيڄاريندڙ. خوفائتو. ڊپ آور. ٻڇان جهڙو. زور آور. قوي.

strongminded (اسٽرانگ مائنڊيڊ) **adj** resolute, determined, having a vigorous mind. قوي دماغ. ڪڙڪل. اٽل. ڪاهوڙ. اسٽر. پڪو. ڌير. هڪ مٽيو. نهرايل. هڪ ڳالهه تي بيٺل. زبان جو پڪو. سخت دل. هوڙهه. ضدي. مدمغ.

strongpoint (اسٽرانگ پوائنٽ) **n** (military) a favourably situated and well-fortified defensive position; that in which one excels, one's forte. (فوجي نقطه نگاه کان) مضبوط جڳهه. ڳڙهه. قلعو. سخت يا مضبوط مورچو. سرحدي مضبوط ڳڙهه.

strong-room (اسٽرانگ روم) **n** a room constructed for the safe-keeping of valuables or prisoners. تجوري. جهڙي جاءِ .مضبوط جڳهه. بئنڪ ۾ خزانو رکڻ واري ڪوٺي.

strongyle or **strongyl** (اسٽرنگائل) **n** a blunt rhabdus; a parasitic threadworm. طفيلي ڌاڳيدار جيوڙو.

strongyloidiasis (اسٽرانجلوڊائسس) **n** an intestinal disease caused by infestation with a type of tropical or subtropical threadworm. طفيلي ڌاڳي صورت ڪينئون. سخت تپهه وارو ميوو.

strontia (اسٽرانٽيا) **n** oxide of strontium. معدني آڪسيجني مادو.

strontian (اسٽرانشين) **n** strontium, strontia or strontianite. ڌاتو. ڪار بونيٽ جو ڪچو ڌاتو. هڪ تمام اهم ڌاتو.

strontium (اسٽرانشيم) **n** an element (symbol sr; atomic no 38), a yellow metal found in celestine. هڪ نهايت اهم پيلي رنگ وارو ڌاتو. روپو سفيد ڌاتو جيڪو معدنياتي چشمن ۾ موجود هوندو آهي.

strontium unit (اسٽرانشيم يونٽ) **n** a measure of the concentration of strontium-90 in organic material. مادي ۾ اسٽرانشيم ڌاتوءَ جي موجودگيءَ جو مقدار.

strop[1] (اسٽروپ) **n** a strip of leather, for sharpening razors; a rope or band round a dead-eye; to sharpen on a strop. چاميلو. چامٽو. چمڙي جي وڌي. ڪشو. ڪهي. پاڪي. تکي ڪرڻ لاءِ چمڙيءَ جو پٽو. پٽي. ڪاڻي اک مٿان ٻڌل چمڙي جي لڪري. چمڙي تي اوزار تکو ڪرڻ.

strop[2] (اسٽراپ) **n, vt** censure, criticism, esp in the phrase give someone strop. چنبي يا چند ڪڍڻ. الزام آڻڻ. عتاب ڏيڻ. دب نامو. چند. ندا. ملامت. حرف. ٽوڪ بازي. تنقيد. راهه زلي. لڪتہ چيني.

strophanthin (اسٽرافنٿن) **n** a very poisonous glucoside obtained from the seeds of the strophanthus plant. رتن جوت ٻوٽي جي ٻجن مان حاصل ڪيل تيز زهريلو مادو.

strophanthus (اسٽرافنٿس) **n** a plant of the African and Asiatic genus of the periwinkle family; its dried seeds used in medicine or yielding poison used to make poison arrows. رتن جوت ٻوٽو. زهريلو ٻوٽو (جنهن جي ٻجن مان حاصل ڪيل زهر تيرن تي لڳايو ويندو هو).

strophe (اسٽرافي آر اسٽروفي) **n** (in Greek play) the song sung by the chorus as it moved towards one side, answered by an exact counterpart, the antostrophe, as it returned; part of any ode answered in this way; a stanza. قطعو. مصرعو. سلوڪ. بيت. شعر. ڊرامي. ناٽڪ يا ٿيٽر ۾ ٻيان جي ڏي وٺ ڪرڻ. بيت بازيءَ جو مقابلو. سوالن جو جواب شعرن ۾ ڏيڻ ۽ وٺڻ.

strophiole (اسٽرافيول) **n** a caruncle. ناف دائو. ننڍو ماس دائو.

ماس جي معمولي واڌ، گوشت جو وڌيل لڪر.

stroppy (استراپي) **adj** quarrelsome, bad-tempered; rowdy, obstreperous and awkward to deal with.جهڳڙالو، ڦڏائي، فسادي، جهيڙاڪار، وڙهئو، ڪني طبيعت وارو، بچڙو، برو، بکيڙائي، وکوڙائي، وکوڙ ڪندڙ، هٿين پوندڙ، گلي پوندڙ، ڳچيءَ پوندڙ.

strossers (استراسرز) **n** trousers.پاجامو، سلوار، پتلون، بدن جي هيٺين حصي جي پوشاڪ.

stroud (استراڊ) **n** a blanket made for trading with American Indians.آمريڪي اصلوڪن باشندن لاءِ خاص طور تيار ڪيل ڪمبل يا ٿلهو ڪتو.

stroup (استروپ) **n** a spout, nozzle, eg of a kettle, jug, pump; a water tap.چشمو، ڦوهارو، ڪٽليءَ جي نلي، جگ يا بدلي جي ٽن، نلڪو، پاڻيءَ جو نل يا ٻوچ.

strout (استرائوٽ) **vi, vt** to bulge, swell; to stand out, protrude; to flaunt; to strut; to cause to protrude..ٻاهر تي نڪري بيهڻ، سڄي وڃڻ، اٿي بيهڻ، اماسجڻ، ٿولرجڻ، ٿونٽرڻ، سجڻ، پيٽ نڪرڻ، آڦرجڻ، اپامڻ، ڦٽڻ، ڦنڊائڻ، سڄائڻ.

stroy (استروءِ) **n ,vt** to destroy..ڊاهڻ، ڪوهڻ، کهائڻ، تباهه ڪرڻ، برباد ڪرڻ، ناس ڪرڻ، چٽ ڪرڻ، پاڙون پٽڻ.

structural (استرڪچرل) **adj** of, concerning, or having a structure.بناوت متعلق، بناوتي، اڏاوتي، ساختي، ترڪيبي، جوڙ جڪي، بناوت، گهاڙ يا گهاٽ جي باري ۾.

structural engineering (استرڪچرل انجنيئرنگ) **n** the branch of civil engineering concerned with large modern buildings etc.بناوتي انجنيئرنگ، اڏاوتي انجنيئري، عمارت سازيءَ سان تعلق وارو انجنيئري شعبو.

structural formula (استرڪچرل فارمولا) **n** a chemical formula showing the arrangement of atoms in the molecule and the bonds between them.بناوتي ضابطو، ساخت نما فارمولو.

structural gene (استرڪچرل جين) **n** a gene specifying the amino acid sequence of a protein needed for cell structure or metabolism. بناوتي جين.

structural isomerism (استرڪچرل آئسومرزم) **n** the property of substances which are isomeric and differ in molecular structure, often having distinct physical and chemical properties هم ترڪيبي بيهڪ.

structural linguistics (استرڪچرل لنگئسٽڪس) **n** the study of language in terms of the interrelations of its basic phonological, morphological and semantic units. بوليءَ جي ترڪيبي بيهڪ جو اڀياس، بوليءَ جو صوتي، صرفي، نحوي ۽ معنوي اڀياس.

structural psychology (استرڪچرل سائڪالاجي) **n** a type of psychology dealing with the nature and arrangement of mental states and processes.دماغي بيمارين جي اڀياس جو هڪ حصو جيڪو دماغ جي حالت ۽ ان جي عمل سان لاڳاپيل آهي.

structural steel (استرڪچرل اسٽيل) **n** a strong mild steel suitable for construction work.اڏاوتي ڪم لاءِ مناسب لوهه.

structural unemployment (استرڪچرل آن ايمپلائمينٽ) **n** unemployment due to changes in the structure of society or of a particular industry.ڪنهن سماجي حصي يا ڪارخاني جي بدليل صورتحال ڪري ٿيل بي روزگاري، سڌارن اچڻ ڪري ٿيندڙ بيروزگاري.

structuralism (استرڪچرلزم) **n** the belief in and study of unconscious, underlying patterns in thought, behaviour, social organization etc..(انسان ۾) خيالن روين ۽ سماجي لاڳاپن ۾ غير محسوس طريقي سان متيل حالتن جي اڀياس جو مَتو يا اصول، سماجي حالتن ۾ تبديليءَ جي اڀياس جو عمل، اصول يا متو.

structure (استرڪچر) **n, vt** the manner or act of putting together; construction; the arrangement of parts; the manner of organization; a thing constructed; an organic form; to organize, build up; to construct a framework for; to allot to (a linguistic element) in function or syntactical relationship. بناوت، اڏاوت، ساخت، ڊول، گهاڙ، جوڙ جڪ، بنياد، بيهڪ ترڪيب، ساڌالو، گهاڙيٽو، گهاٽ، اڏاوتي ڪم، عمارت، تعمير، ڍانچو، پڃرو، آڌالو، گهڙت، اڏپ، صورت، ترتيب، ربط ضبط جو نمونو، ربط ضبط ڏيڻ، ٺاهڻ، بيهارڻ، اڏڻ، (لفظ کي) بناوت يا بيهڪ ڏيڻ.

strudel (استرڊل) **n** very thin pastry enclosing fruit, or cheese. خشڪ ميوو يا پنير پيل پيسٽري، ڪيڪ جو لڪر.

struggle (استرگل) **vi, n** to strive vigorously in resistance, contention, or coping with difficulties; to make great efforts or exertions; to contend strenuously; to make one's way with difficulty; to move convulsively; a bout or course of struggling; strife; a hard contest with difficulties; a convulsive movement.ڦٿڪڻ، مٿا هڻڻ، جهيڙو ڪرڻ ، محنت ڪرڻ، مٿا ڪٽ ڪرڻ، جدوجهد ڪرڻ، هٿ پير هڻڻ، سخت محنت ڪرڻ، مٿا موناڏيڻ، تڙڦڻ، ڪڇڻ، منهن ڏيڻ، ٻانهن هلائڻ، جان فشاني ڪرڻ، وس لائڻ، مٿا مونا، ڪشمڪش، لوچ پوچ، ڦٿڪو، جد، لڙڻ، جهيڙو ڪرڻ، وڙهڻ، جهيڙو، جفاڪشي، وس، جدو جهد، مٿاڪٽ.

strum (سٽرم) **vt, vi** to sound the strings of a guitar, with a sweep of the hand; to play in this way.پيانو وغيره هٿ جي اشاري سان وڄائڻ، ٽڻ ٽڻ ڪرڻ.

struma (اسٽروما) n scrofula or a scrofulous tumour; goitre; a cushion like swelling.ڪنٺ مالا، خنازيري. ڳوڙهي، ڳدي نما سوڄ.

strumitis (اسٽرومي ماٽس) n inflammation of the thyroid gland. نڙگهٽ سوڄ، ڳلين جي سوڄ.

strummel or **strammel** (اسٽرمل آر اسٽرئمل) n straw; hence, hair. پلال، بوسو، ڪانگر، سڪل گاهه، ڪک، ڪانا، بهه، وار.

strumpet (اسٽرم پيٽ) n, adj & vt a whore; like a strumpet; inconstant; false; to make a strumpet of; to call a strumpet.ڪسٻياڻي، ڪسٻڻ جهڙو، ڪسٻڻ، رنگيلي، فاحش عورت، رنڊي، ولشهه، ڦرڻو ڪرڻو، اڻ لهندڙ، اسهيو، اڻ ميل، بي جوڙ، ڪوڙو، ڪوڙو ڪرڻ، رنڊي چوڻ، چڪلاڻ ڪري سڏڻ.

strunt[1] (اسٽرنٽ) vi to strut.آڪڙجي هلڻ، ليسڙي ڪرڻ، آڪڙ ڪرڻ، سيئجي هلڻ، ليڪرجي هلڻ.

strunt[2] (اسٽرنٽ) n alcoholic liquor.شراب، نشي وارو شربت، يا مشروب.

strunt[3] (اسٽرنٽ) n the huff, the sulks.تيسو، روسامو، روسانگو، سڏڪو، سڏڪا.

strut[1] (اسٽرٽ) vi to walk stiffly in vanity or self-importance; to walk in an ostentatious, swaggering manner; to stand stiffly upright; to flaunt, glory; to bulge, protrude; a strutting gait.ڏيهه ڪي ڏيکارڻ، ڦر ڦر ڪرڻ، سڄي وڃڻ، آڪڙجي هلڻ، سيئجي هلڻ، ليڪرجي هلڻ، آڪڙ ڏيکارڻ، ٽلڻ، ليڪر، آڪڙ، تند ڦونء، واڌڪ، مغروري، سوڄ، آڪڙ.

strut[2] (اسٽرٽ) n, vt a rod or member that resists pressure; a prop; to support as, or with, a strut or struts.زور کي جهلڻ واري بيهڪ يا ٽوڻي، لٺ، لڪڙو، سيخ، جهلو، ٽوڻين تي بيهارڻ.

struthious (اسٽروٿيس) adj (of birds) resembling or related to the ostrich or belonging to the order of flightless birds to which the ostrich belongs.شتر مرغ، شتر مرغ سان ملندڙ اڻ اڏامندڙ جنس وارو پکي، اٺ پکي، ٻيل مرغ.

strychnine (اسٽرڪنين) n a very poisonous alkaloid obtained from the seeds of the nux vominca plant; to poison with strychnineزهر ڪڇلو (ٻوٽي)، ڪچلي جو زهر.

stub (اسٽب) vi, vt a short piece (eg of a cigarette or a pencil) left after the larger part has been used; something blunt and stunted; a counterfoil; a stump; a short thick nail or worn horseshoe nail, old nails used as scrap; to strike as against a stub; to extinguish by pressing the end on something; to remove stubs from, to grub; to wear or cut to a stub; to wound with a tub..ٽوٽو، ڪٽي، ڪٽ، پاڙ، جڙ، ڪٽ، ٻٺ، سنڌو، اکيڙڻ، جڙئون ڪڍڻ، پاڙون پٽڻ، ڪانگڙ ڪڍڻ، رسيد جو اڌ، ٽڙي، گهوڙي جي نعل جو پاهر تي لڳل وڏي منڊيء وارو ڪوڪو، سگريٽ جو ٽوٽو، ٽوٽوميهڻ، ٽوٽي کي مهٽي وسائڻ، ٽڙيون ڪڍڻ، ٽوٽا پٽي صاف ڪرڻ، پڪڙڻ، جهلڻ، ڳاري يا استعمال ڪري ٽڪرن صورت ۾ آڻڻ.

stubbed (اسٽبڊ) adj cut or worn to a stub; cleared of stubs; stumpy; blunt.ٺوٺيء واري صورت ۾ آندل، ٽوٽا ٽوٽا ڪيل، ٽڪر ڪيل، سنڌا ڪڍي صاف ڪرڻ، منڊو، ڪرڪٽ.

stubble (اسٽبل) n a stump of reaped corn; such stumps collectively; straw; a reaped field; unshaven growth of beard.ٻٺ، ڪٽ، ناڙ، ڪانگڙ، سنڌو، ٺسبي، ڪتي، ڪک، ڪانا، لاپارو ڪيل زمين، وڌيل ڏاڙهي، لاباري بعد ٻنيء ۾ فصل جو رهيل حصو جنهن ۾ پاڙون، ٽنڊڙا ٻٺ ۽ ڏانڊيون هونديون آهن، پيلاڙو.

stubble-fed (اسٽبل فيڊ) adj fed on natural grass growing among stubble.زمين ۾ موجود گاهه چاريل (مال)، زميني چاري تي پاليل مال.

stubble goose (اسٽبل گوز) n a goose fed on stubble. زميني چاري تي پاليل ڦاز يا هنج پکي.

stubble rake (اسٽبل ريڪ) n a rake with long teeth for raking stubble.ڏانداري، پاهوڙي، گاهه گند گڏ ڪرڻ وارو وڏن سيخن يا ڏندن وارو اوزار.

stubbly (اسٽبلي) adj like or covered with stubble.سنڌن پريل زمين، لاباري بعد فصل جي رهيل حصن، پاڙن، پٽن ۽ ڏانڊين واري زمين.

stubborn (اسٽبارن) adj, vt obstinate, esp unreasonably or troublesomely so; pertinacious; refractory; hard to work or treat; inflexible; rigid; to make stubborn..آڙ، وونڪو، ڍڳو، ٺڙ، هوڏائتو، متر، سرڪش، هوڏي، سخت، ضدي، نجس، مضبوط، پڪو، پختو، عدول حڪم، نافرمان، شتر بي مهار، اراولدو.

stubby (اسٽبي) adj, n abounding with stubs; short, thick and strong; a small, squat beer bottle or the beer it contains.سنڌن پريل زمين، لاباري بعد فصل جي رهيل حصن، پاڙن، پٽن ۽ ڏانڊين پريل زمين، ٺندو پر مضبوط ۽ ٺلهو، بيئر جي ٺندي ۽ ويڪري بوتل.

stucco (اسٽڪو) n, vt any kind of plaster or cement used to coat exterior walls or make architectural mouldings; a decorative work on a building done in stucco; to face or overlay with stucco; to form in stucco.ڪچ، چيرولي، گارو، سنگ مر مري چونو، سنگمرمر ۽ چونو، استر ڪاري، چيرولي ۽ ڪچ.

stuck (اسٽڪ) n a thrust. ٺنب، چوڪ، گهٽ، چونگ.

stuck-up (اسٽڪ اپ) adj snobbish, arrogant. ڪمذات، فضل بنيو، مد مغ، چند ڦوڪيو، مغرور، اغصامي، آهنڪاري، هٺيلو، آڪڙيل، ڦوڪيل، گهمنڊي.

stud[1] (اسٽڊ) n, adj a horse-breeding establishment; the animals kept there; a collection of horses or other animals, or of cars, belonging to the same owner; a stud horse; a sexually potent or active man, or one who thinks he is; kept for breeding; of a stud. طنبيلو، گهوڙو ساڻ، گهوڙن جو نسلي افزائش گاهه، گهوڙا جيڪي خاص طور نسلي افزائش طور پاليا وڃن، جنسي طور مضبوط ماڻهو، بالغ مرد.

stud[2] (اسٽڊ) n, vt a wooden post; a tree trunk; a spur, stump or short branch; an upright in a timber framework or partition; a crosspiece strengthening a link in a chain; one of several rounded projections on the soles of certain types of footwear, improving the grip; a projecting boss, knob, or pin; a large-headed nail; a stud bolt; a type of fastener consisting of two interlocking discs; the height of a room; to adorn, set or secure with studs; to set at intervals. ٽڪ، جهالر، ميخ، ڪوڪو، ٿوڻي، ٿنڀو، گل ميخ. (قميص جو) بيڙو، ڦل، هٿيو، جهلو، ٽيڪ، بولن جي تري جو نمونو، ڪمري يا اڏيل جاءِ جي اندروني اچائي، بٽڻ سان يا ڪوڪن سان مضبوط ڪرڻ يا ڳنڍڻ.

studbolt (اسٽڊبولٽ) n a bolt with a thread on each end, screwed into a fixed part at one end, receiving a nut on the other. بولٽ، ٻن مٿن وارو بولٽ، ٻن مٿن واري سيخ جنهن تي ٻنهي پاسي نٽ لڳائي سگهجي.

studbook (اسٽڊبوڪ) n a record of the horses' or other animals' pedigrees. گهوڙن جو نسلي شجرو، ڍڳو جانورن جي اندراج جو ڪتاب، ساڻن جو دفتر، ڍڳ يا ولر جو رجسٽر.

studdingsail or studding-sail (اسٽڊنگ سيل) n a narrow additional sail set at the outer edges of a square sail when wind is light and abaft the beam. هلڪي يا گهٽ زور واري هوا وقت چاڙهڻ وارو سڙهه.

studdle (اسٽڊل) n a post; a prop. ٿوڻي، ٿنڀو، جهلو، ٽيڪ، آڙ، سهارو.

student (اسٽوڊنٽ) n a person who studies; a person devoted to books or to any study; a person who is enrolled for a course of instruction at a higher or further education establishment; an undergraduate; the holder of a studentship; a school pupil; a person learning a specified profession. شاگرد، طالب علم، وديارٿي، علوفيدار، اسڪالرشپ تي پڙهندڙ، وضيفيدار، آبياسي، پڙهندڙ، سکندڙ، سيکڙات، ختابي، پڙهڻ وارو، ڪنهن علم يا فن جو مطالعو ڪرڻ وارو، هيٺين ڪلاس جو شاگرد.

studfarm (اسٽڊ فارم) n a horse-breeding farm. اصيل نسل جو فارم، اصيل نسل پرورش گاهه، اصيل نسل جا جانور پيدا ڪرڻ ۽ پرورش ڪرڻ جو فارم.

stud groom (اسٽڊ گروم) n a groom at a stud, esp the head groom. گهوڙن جو سنڀاليندڙ، تاتيندڙ، گهوڙا پاليندڙ.

stud horse (اسٽڊ هارس) n. a stallion kept for breeding. ٻهاڻ گهوڙو، لاڏو گهوڙو، ساڻ گهوڙو، نگ لاءِ ٻيهاريل گهوڙو.

studio (اسٽوڊيو) n an artist's workroom; a workshop for photography, cinematography, radio or television broadcasting, the making of sound recordings etc. فوٽو ڪڍڻ جو دڪان، مصور يا نقاش جي جاءِ، فوٽو گرافر جو دڪان، نگار خانو، تصوير ڪڍڻ جو دڪان، چترآليه، ريڊيو يا ٽيليويزن جي پروگرامن جي رڪارڊنگ جو ڪمرو.

studio couch (اسٽوڊيو ڪوچ) n a couch, sometimes without a back, that can be converted into a bed. بنا پٺيءَ ڪوچ جيڪو وقت ضرورت بستري طور به استعمال ٿي سگهي.

studio flat (اسٽوڊيو فليٽ) n a small flat consisting of one main room, or an open-plan living area. فوٽو ڪڍڻ يا تصويرن ٺاهڻ واري مصور جي جاءِ يا صفحو (ڪمرو).

studious (اسٽيوڊئس) adj devoted to or assiduous in study; studied; painstaking or painstakingly carried out; deliberate. خاص، غير معمولي دل سان چاهڻ وارو، ڪوشش ڪرڻ وارو، اڀياسي، ڪوشش ڪندڙ، محنتي، ڪوشش ڪندڙ، سرگرم، مطالعي جو شوقين، شائق، پڙهڻ جو خفتي، سيڪار، ادمي، اجمي، ڌياني، سوچ وان.

studio pottery (اسٽوڊيو پاٽري) n pottery individually produced by the potter in a studio, rather than factory-made. هٿ سان تيار ڪيل مٽيءَ جا ٿانوَ، الڳ ۽ خاص طور سان تيار ڪيل مٽيءَ جا ٿانوَ جيڪي نماءَ لاءِ رکجن.

stud poker (اسٽڊ پوڪر) n a variety of the game of poker in which bets are placed on hands containing some cards dealt face up. جوا جي هڪ راند جنهن ۾ سڄهه پتا کولي رکيا ويندا آهن، تاس جي هڪ راند.

study (اسٽڊي) vt, vi & n to apply the mind to in order to acquire knowledge or skill; to examine; to consider; to scrutinize; to look contemplatively at; to take into consideration; to consider the wishes, advantage, feelings of; to devise; to think out; to instruct; to apply the mind closely; to book, nature, acquisition of learning or of skill; to take an education course; to rack one's mind; to muse, mediate, reflect; an object of endeavour, solicitude, or mental application; related objects of mental application or department of knowledge; a state of consideration; attentive and detailed examination; a scrutiny; a reverie; application of the mind to the acquisition of knowledge or skill; a department of knowledge; a musical composition serving as an

exercise; inclination; interest; zeal..ايپاس. ايپاس ڪرڻ. پڙهڻ. جاچي ڏسڻ. (ٻئي جي) سهنج جو خيال رکڻ. پاٺ ڪرڻ. دهرائڻ. ورجائڻ. پڙهڻ. گهڻو سوچڻ. چتارڻ. ورد ڪرڻ. ذڙ ڪرڻ. ياد ڪرڻ. (ڪتاب) پڙهڻ. أدم ڪرڻ. مطالعو. تلاش. تحصيل علم. غور ۽ فڪر. سوچ ويچار. ڪم ڪرڻ جو ڪمرو. مطالعم گاهم. فڪر. جائزو. مشاهدو. محويت. دلي ڪوشش. أدم. ايپاس. آستان. ايپاس جو مضمون. ڌيان. لکڻ پڙهڻ. جو ڪمرو.

study group (اسٽڊي گروپ) **n** a group of people studying a specific subject, who meet informally at regular intervals to discuss their work or some other topic.ايپاسي جٿو. مطالعاتي گروهم. فڪري جماعت. گڏجي يا هڪ هنڌ پڙهندڙ. گڏجي مطالعو ڪندڙ يا بحث مباحثو ڪندڙ جٿو.

stuff (اسٽف) **n, adj, vi, vt** stuffing, filling; matter; substance; essence; material; a preparation used or commodity dealt in in some particular industry or trade; garden produce; cloth, esp woollen; a medicinal mixture; goods; luggage; provision; furniture; money; literary or journalistic copy; liquor; a broad category or collection of indeterminate or unspecified things; rubbish; nonsense; indecent matter; woollen; to garrison; to store, furnish; to provision; to line; to be a filling for; to fill very full; to thrust in; to crowd; to cram; to obstruct, clog; to cause to bulge out by filling; to fill with seasoning; to load a freight container; to assemble the internal components of a machine in its external casing; feed gluttonously; to practise taxidermy..سامان. اسباب. ٻنڻ. ڀرڻ. ڏلهڻ. مادو. جنس. مال. وکر. خامر. مصالحو. شيء. فضول شيء. گهٽو ڪاٺي وجهڻ. دٻاڙي ڀرڻ. ڌوسي وجهڻ. (سالي) لڪ تائين ڏلهڻ. ٺنهڻ. (سوڙجي) ڪل پشمرڻ. ليڪر. سامگري. ردي شيء. بوسي ڪاٺڻ. پيٽ ڏلهڻ. مايو. اوني ڪپڙو. حال. لپڙ. ڪن ڪچرو. قوسڻ. بوسڻ. کهوچڻ. مصالحو ڀرڻ. سال چاڙهڻ. (مشين جا) پرزا گڏي جوڙي بيهارڻ. ڊڪڻ. (جانور يا پکيء جي) کل کي مصالحو هڻي اصل صورت ۾ بيهارڻ. جانور کي سڪائي اصل صورت ڏيڻ. ڀريل جانور. مصالحو ڀريل. حنوط ڪيڙ.

stuffed (اسٽفڊ) **adj** provisioned; well stored; filled; filled out with stuffing; clogged in nose or throat.(مال سان) ڀرتو. سٽيل. ضروري شين جي موجودگي. (پکي يا جانور) سڪائي ڀريل. اصل صورت ۾ ناهيل. نڪ يا ڳچيء تائين ڀريل. ڏليل. پيٽ ڀريل. ڀريل پيٽ.

stuffed shirt (اسٽفڊ شرٽ) **n** a pompous, unbendingly correct person, esp if of little real importance.ڪلف ڪيل قميص پاتل. ڪنڌ ۾ ڪلي. ڏيکاٽو. ٽوماني. لاسي. ڀيکي وارو. اصول وارو. پنهنجي طريقي وارو. پنهنجي سمجهه وارو.

stuff gown (اسٽف گائون) **n** a gown of stuff, not silk, esp that of a junior barrister.سخت ڪپڙي يا ڪلف ڪيل ڪپڙي جو جبو. لنڊو وڪيل.

stuffing (اسٽفنگ) **n** that which is used to stuff or fill anything, straw, sawdust, feathers, hair; savoury ingredients put into meat, poultry in cooking..ڀرتي. ڀرڻ. مصالحو. (سيڻ جو) مصالحو. پراڻ.ٻهه.ٻورو. ڪنپ ۽ وار جيڪي پراڻ وجهڻ جي ڪم ايندا آهن. گوشت يا ٻوڙ ۾ پيل مصالحو.

stuffy (اسٽفي) **adj** badly ventilated, musty; stifling; stout, sturdy; stodgy; strait-laced; sulky; (of a nose) blocked up with mucus.ڪوپ. ڪني هوا سان ڀريل. جهڙي جاء. ڀرتو. سٽيل. هوا ڀريل. هوا بند. ڪوياٺي. ڪوپ جهڙي (جاء). بدبوء دار جاء.

stuggy (اسٽگي) **adj** thick-set, stout..ٿلهو. ڀريل بدن وارو. مضبوط متارو. سٽرلر. ڏندو ڏونو. قوي. جانٺو. جبرو. جاڏو. ٻتو. ڏنو متو. ڏگ. متکو. دونسو. چوبکو. ٻت ۾ ڀريل.

stull (اسٽل) **n** a horizontal prop in a stope.سڌو يا ويهاريل تختي نما جهلو.

stulm (اسٽلم) **n** an adit; a small draining-shaft.(کاڻ جي) کهي. لنگهه. کاڻ مان پاڻيء جي نيڪال واري نالي.

stultify (اسٽل ٽيفاء) **vt** to dull the mind of; to cause to appear foolish or ridiculous; to destroy the force of, as by self-contradiction; to allege or prove to be of unsound mind..بيوقوف بنائڻ. (پاڻ) کلڻ هاب بنائڻ. بيوقوف بنائڻ. (التي هلت ڪري) ڳالهه ڪسي ڪرڻ. (پنهنجي) ڳالهه کي پاڻ ڪوڙو ڪرڻ. چريو چوڻ يا چريو ثابت ڪرڻ.

stum (اسٽم) **n,vt** must, grape-juice unfermented; new wine used to revive dead or vapid wine; a mixture used to impart artificial strength; to weak beer or wine; wine revived by the addition of stum or by a second fermentation; to renew or doctor with stum; to fume with burning sulphur.ڪچي يا اڻ خميري انگور جي رس. هٿرادو قوت يا طاقت ڏيندڙ مادو. هلڪو ياسادو شراب يا بيئر. پراڻي شراب ۾ نئين رس وجهي سواد کي بهتر ڪرڻ. گندرف جو واس ڏيڻ.

stumble (اسٽمبل) **vi, vt, n** to take a false step or come near to falling in walking; to move or speak unsteadily or with hesitations; to err; to lapse into wrongdoing; to flounder; to come upon by chance or error; to disconcert; to trip; a false step; a lapse; a blunder.ٿاٻو کائڻ. ڇڪون ڪرڻ. آٽرجڻ. ٿاٻڙجڻ. آڪڙڻ. ٿڏو اچڻ. ٻاهڙڻ. اڏيرو ڪائڻ. ٻلڻ. ٿڙڪڻ. لوڪر ڪائڻ. ٻاهڙجڻ. خطا ڪرڻ. سنو اچڻ. منيان پائڻ. ٿڙجڻ. ٿاٻڙائڻ. گهپالو. اڏيرو. پير ڪسڪ. آٽڙ. غلط قدم. سَهَو. غلطي. عظيم چُڪ. وڏي ڀل. ٿاٻو. لوڪر. خطا.

stumbling-block (اسٽمبلنگ بلاڪ) **n** an obstacle; a cause of perplexity or error..اڏ. لوڪر. خطا جو سبب. ٿاٻڙائڻ. اڙ. سدراهه. غلطيء جو سبب. سهوَ جي وجهه يا سبب.

stumbly (استمبلي) **adj** apt to stumble or to cause stumbling. ٿـوڪر کـائڻ جهـڙو، ڪرندڙ، ٿـوڪرون ڏياريندڙ يا ڪارائيندڙ، ٿابڙائيندڙ، اڙ آور.

stumer (استمر) **n** a counterfeit coin or note; a forged or worthless cheque; a sham; a dud; a failure, bankruptcy; a horse sure to lose; a stupid mistake; clanger; a stupid person. ڪوڙو سڪو، ڪوڙو سڪو، جعلي نوٽ، ڪوڙو نوٽ، هٽ ٿـوڪيـو، نقل، ناڪاره شيءِ، رلبڙائيندڙ، ناڪامي، ڪوٽ، ڏيواليئو، ڪمزور گهوڙو، بيوقوفيءَ واري غلطي، وڃندڙ ٽاڻو، چسو، پوڪ، بيوقوف، موڳو، ڏڏ.

stummel (استمل) **n** the bowl and adjacent part of a pipe. ٽانءُ ۽ ان سان لاڳاپيل نڙو.

stump (استمپ) **n, vt, vi** the part of a felled or fallen tree left in the ground; a short thick remaining basal part, esp of anything that projects; a short thick branch; a leg; a wooden leg; anything stumpy; a stumping walk or its sound; a pencil of soft material for softening hard liens, blending; one of the three sticks forming (with the bails) a wicket; a challenge to perform a feat; a tree stump or similar used as a platform, by a public speaker; to remove stumps from; (of the wicket-keeper) to dismiss by breaking the wicket when the striker is out of his or her ground; to clear out of money; to nonplus, foil, defeat; to soften or tone with a stump; to traverse; to dare, challenge. ڪٽ، بَندي، ڪڙڪي سان هلڻ، لاهر، ڪتي، ڪنپ، ڪتي، پاڙ، پيچ، دوکُ، ڳنڍو، ڪالي، لڪرو، پيچڙي، ڪاٺ جي ٽنگ، نرم پينسل، (ڪرڪيٽ ۾) وڪيٽ جون ڪاٺيـون، ٺڏو ويلڻ، رانديگر کي وڪيٽ ۾ بال هڻي آئوٽ ڪرڻ، بندڙي، بولڊڙي، ٺڪ ٺڪ ڪري هلڻ، ڪنهن ڪم لاءِ چئلنج ڪرڻ، ٿڙيءَ کي ٿلهيءَ يا دڪيءَ طور استعمال ڪرڻ، مقابلي لاءِ دعوت ڏيڻ، للڪارڻ، همت ڪرڻ، جوکو يا جوکم کڻڻ.

stumper (استمپر) **n** a puzzling question; a wicket-keeper. مشڪل سوال، ڏکيو سوال، تيڏو سوال، (ڪرڪيٽ راند ۾) ڪيڏندڙ رانديگر جي بلڪل پٺيان بيهندڙ رانديگر.

stump orator (استمپ اوريٽر) **n** one who speaks from an improvised platform, with an implication of rant; a political public speaker in general. وڻ جي ٿڙيءَ جهڙي بيهڪ يا دڪيءَ تي چڙهي تقرير ڪندڙ سياسي ڪارڪن، سياسي پرچارڪ.

stump work (استمپ ورڪ) **n** elaborate raised embroidery using various materials and raised by stumps of wood or pads of wool. ڪپڙي تي اپريل پرت جو ڪم، جنديءَ ۾ ڪيل اُڪر يا اُپريل چٽن وارو ڪم.

stumpy (استمپي) **adj, n** short and thick; full of stumps; cash. ٺِمڪڙو، ٺِمي، ٿوي، چولو مولو، ٺڏين پريل، ڪٽن واري زمين، نقدي، ناڻو.

stun (استن) **vt, n, adj** to render unconscious by a blow or similar to stupefy or daze, with din or sudden emotion; to abrade, bruise; a shock, stupefying blow; stunned condition; (of a weapon) designed to stun rather than kill. حيران يا پيبون منجهائڻ، واڻڙو ڪرڻ، ڪنن ۾ ٺاڙيون وجهڻ، مـــاري بـيــهـــوش ڪرڻ، نهوڙڻ، وسائڻ، ڪيسائڻ، حواس باختہ ڪرڻ، واڻڙو ڪرڻ، متيون منجهائڻ، سن ڪرڻ، زخمي ڪرڻ، رهڙڻ، بيهوش ڪرڻ وارو ڌڪ، بيهوش يا ٺاس ڪندڙ هٿيار يا بارود.

stun grenade or **gun** (استن گرينيڊ آر گن) **n** one designed to stun its target temporarily without causing serious injury. بيهوش ڪرڻ وارو هٿيار يا بارود، بنا زخمي ڪرڻ جي بيهوش ڪرڻ وارو اوزار.

stunkard (استنڪارڊ) **adj** sulky; sullen. تيسر، تيسائي، رٺل، سوٺل، ڪاوڙيل، ناراض، سوراٺيل، سڙيل، ڪاميل، سوڻو موڻو، ڪاوڙيل، اشپ.

stunner (استنر) **n** someone who or something that stuns; a person or thing supremely excellent; a very attractive person. حيران ڪندڙ، حَسِين، اعلي درجي جي شئي، تمام قابل، سهڻو، ٺاهوڪو، ونندڙ، واهہ جو، تمام سهڻي بيهڪ وارو انسان، ماڻهو.

stunning (استننگ) **n** stupefaction; stupefying, dazing; supremely excellent; very attractive. موڙچاٽ، موڳائي، بيهوش ڪندڙ، سن ڪندڙ، منجهائيندڙ، حيران ڪندڙ، موڳو ڪندڙ، عقل چرخ ڪندڙ، تمام سٺو، بهترين، تمام گهڻو ونندڙ، سهڻو، خوبصورت، نظاريدار.

stunt[1] (استنٽ) **vt, n** to hinder from growth, to dwarf, check; a check in growth; a stunted animal. وڌڻ نہ ڏيڻ، وڌڻ کـان روڪڻ، قد مـارڻ، غيـر اسـرڻ، رڪجڻ، بندرو، قد ماريل، واڌ روڪڻ، ڪوتاهہ قد، چامڙو، بندرو، ڪَرڪَٽَ.

stunt[2] (استنٽ) **n, vi** a difficult, often showy, performance, enterprise or turn; anything done to attract attention; to perform stunts. اعلي ڪم، عمدو ڪم، نفيس ڪم، اچرج ۾ وجهڻ وارو ڪم، ڌيان ڇڪائيندڙ، اڀمـري، نـاسي، ديداري، نمودار، ڏيکائتو، پڙڪيلو، اچرج ۾ وجهڻ وارا ڪم ڪرڻ.

stuntman (استنٽ مئن) **n** one paid to perform dangerous and showy feats (esp a stand-in for a film actor). ڪرتب ڏيکارڻ وارو، متيون منجهائڻ وارو، بازيگر، ڪسرتي رانديگر.

stupa (استوپا) **n** a dome-shaped Buddhist memorial shrine, a tope (Sans). گنبـذ، گـول ڇت واري ٻڌن جي عبادتگاهہ، ٺڪائو.

stupe (استيوپ) **n, vt** a medicated piece of tow or cloth

used in fomentation; to treat with a stupe..تاتارڻ.
تاڪورڻ. لڪور پٽي. لنڊي لرم پٽي. گرم پاڻيءَ ذريعي لڪور.
تاتارڻ. تاورڻ. تاڪور ڪرڻ. لڪورڻ.

stupefacient (اسٽيوپي فيشينٽ) **adj** stupefying; a stupefying drug.بيهوش ڪندڙ (عمل) بيهوشيءَ واري دوا. بيهوش ڪندڙ دوا. سن ڪندڙ دوا.

stupefaction (اسٽيوپي فئڪشن) **n** the act of stuypefying; the state of being stupefied; extreme astonishment.بيهوش ڪرڻ جو عمل. مدهوشي اُٿڻ. مورڇا ڪرڻ. موڳائي. سن ڪرڻ. سرگرداني. پريشاني. حيراني. بيهوش. مورڇل.

stupefy (اسٽيوپي فاءِ) **vt, vi** to make stupid or senseless (as with alcohol or drugs); to stun with amazement, fear; to become stupid or dull.موڳو يا بيهوش ڪرڻ. وسو ڪرڻ. موڳو ڪرڻ. سورڇل ڪرڻ. هوش سان ڪيڻ. حواس باختہ ڪرڻ. بيوقوف بنائڻ. بدحواس ڪرڻ. هوش مان ڪيي چلڻ.

stupendous (اسٽيوپينڊس) **adj** astounding; astoundingly huge; often used as a term of approbation or admiration.التهائي عجيب. حيرت جهڙو. تمام وڏو. عظيم الشان. حيرت انگيز. پربت. هاٿيءَ جهڙو. ڀاري. هاٿانگ. تعريف جهڙو. ساراهہ جهڙو.

stupent (اسٽيوپينٽ) **adj** astounded; dumbfounded..گهبرايل.متيون منجهايل.عقل چرخ ٿيل. اچرج ۾ پيل. واترو ٿيل. ماٺ لڳل.سن ٿيل. حواسن ڪان لڪتل.

stupid (اسٽوپڊ) **adj, n** stupefied or stunned; senseless; insensible; deficient or dull in understanding; showing lack of reason or judgement; foolish; dull; boring; a stupid person. بي عقليءَ جو. چسپائيءَ جو. ڪم ذهن. گيرو. پڪو. لوڊ. ڳهيلو. مت هيڻ. مورک. پورو. جاهل. موڳو مٽر. پوڪ. چسو. اڏايو. الاسو. سوڙهل. جڙ. ڪند. ڪند فهم. ڪند ذهن. بيوقوف. احمق. بي عقل. ڏڏ.

stupor (اسٽوپر) **n** torpor; lethargy; a state of near-unconsciousness (as caused by alcohol or drugs). بيهوشي. موڳائي. غشي. ڳهير. بي حسي. وسائي. ڳهيلائي. سٽاتا. ڳر. ڳهر. اڳهور لنو.

stuprate (اسٽيوپريٽ) **vt** to ravish, violate..ڪسڻ. چني ولڻ. زوريءَ زنا ڪرڻ. ستر توڙڻ. برباد ڪرڻ. انحرافي ڪرڻ. نوڙڻ. پيڻ. النگهڻ ڪرڻ. (پاڪبجاءِ جي) بي ادبي ڪرڻ. ڀڻڪ ڪرڻ. خلل وجهڻ. پرشٽ ڪرڻ. ناپاڪ ڪرڻ. پليت ڪرڻ.

sturdy (اسٽرڊي) **adj, n** giddy; impetuous, violent, rough; refractory; obstinate; resolute; robust; stout; firmly built or constructed; gid, a disease of sheep characterized by staggering, due to a bladderworm in the brain; a sturdy person.مضبوط يا تندرست. ڏلو متو. سخت زبردست. زور آور. ستاڻو. ستر ولڙ. سڌر. سخت. (چتا پيني). مشتندو. ڏلو۔. پر پريو ٻار. ڏلو متو (فقير). ڪهرو. لنر. ويڙهو. جهيڙاڪار. فڏائي. هدول حڪر. وولڪو. سرڪش. شتربي مهار. آڪرو. اٽل. ڪاهوڙ. استر. پڪو. ڏير. هڪ متيو. هڪ ڳالهيو. پواڻتي. ڦيري. رڍ (۽ ٻئي چوپائي مال) کي لڳندڙ بيماري جنهن ۾ پواڻتي ٿيڻ سان ڪڏ جانور ٽڙي ۽ ٿابڙي ٿو. هن کي پواڻتي. ڦيري. گهمري. ٽڙڪا. ٿيڙ ۽ ٿاپا. ڦيري. چڪري ۽ مٽي چڪر مرض پڻ سڏبو آهي.

sturgeon (اسٽرجن) **n** any member of a genus of large fishes of N temperate waters, with a cartilaginous skull, long snout, heterocercal tail, and rows of bony shields on the skin, yielding caviar and isinglass.سنگ ماهي. شارڪ جهڙي وڏي مڇي.مانگر مڇ جي جنس جي. وڏي مڇي. ايشيا جي بيڪل ڍنڍ جي سنگ ماهي.

Sturge-Weber syndrome (اسٽرج ويبر سنڊروم) **n** a rare congenital condition in which abnormal distension and knotting of the blood vessels in part of the brain is associated with a large purple birthmark spreading over one side of the face, including the eye.هڪ بيماري جنهن ۾ دماغي رڳن ۾ ڳنڍين جي ڪري منهن تي واڱڻائي رنگ جو چٽو نهي بيهندو آهي.

Sturmabteilung (اسٽرومئبٽائلونگ) **n** storm-troops, Brownshirts.فوج جو هڪ خاص جٿو جيڪو ضرورت وقت تڪڙي جر ڀر ڪري سگهي. خاص ورديءَ واري فوج.

Sturmer or Sturmer Pippin (اسٽر مر آر اسٽرمرپين) **n** a variety of dessert apple named after Sturmer, a village in Essex where it was developed; an apple of this variety. ايسيڪس جي هڪ علائقي جو ريگستاني صوف. مٺي صوف جو قسم.

sturnus (اسٽيورنس) **n** any bird of the starling genus, giving name to the family.(ديسي) ڪارو وهيو (پکي) (هيومي) ڪارو وهيو. سنڌي ڪارو وهيو. عام ڪارو وهيو. وهي جي جنس جو ڪو ٻہ پکي. تليئر پکي. گلابي وهيو. مينا جو قسم.

sturt (اسٽرٽ) **n, vt, vi** contention, strife, annoyance; a disturbance; a trouble, annoy, disturb; to start with fear..ڦڏو. تنازعو. هوڏ. حجت. تڪرار. چتايمني. جهيڙو. خفو. هلاڪي. هلاڪي. دقت.چڙ. ڏقيڙ. مونجهارو. هل. هنس. وڳوڙ. ڦيتارو. رولو. خلل. ٻکيڙو. تڪليف.مصيبت. ڊچي ڊچي هلڻ يا اڪٽي وڃڻ.

stutter (اسٽٽر) **vi, n** to speak, say or pronounce with spasmodic repetition of initial sounds, usu consonants; to stammer; a speech impediment characterized by such repetition.هڪڙائڻ. ٻاتائڻ. ٻاتاٻ. ٻت ٻت ڪرڻ. ٻت ٻت. هڪڙائي. هڪڙاڻ. ٻتر. هڪڙ. الڪ. روڪ. رڪاوٽ. ٻاتاڻ. ٻاتڙ.

sty[1] or stye (اسٽاءِ) **n** a small inflamed swelling at the

edge of the eyelid, caused by bacterial infection. آلڙي، اک جي آلڙي.

sty² (اسٽاءِ) **vt, n** to mount, rise climb; a path; a ladder. چڙهڻ، مٿي وڃڻ، جبل چڙهڻ، چاڙهي چڙهڻ، مٿاهون رستو، ڏاڪڻ.

sty³ or **stye** (اسٽاءِ) **n, vt, vi** a pen for pigs; an extremely filthy place; any place of gross debauchery; to put or keep in a sty. سوئرن جو واڙو، گندي جاءِ، چڪلو، رنڊي خانو، ڪتن جي چٽ، واڙي ۾ واڙڻ، چٽ ۾ بيهارڻ.

Stygian (اسٽاءِ جين) **adj** of the Styx, one of the rivers of Hades, across which Charon ferries the spirits of the dead; hellish, infernal, gloomy; black as the Styx. جهنمي، دوزخي، اونداهو، ڀيانڪ، انڌيري رات، پاتال نديءَ جو، دوزخ جو، جهنم جو، دوزخ جهڙو، ساڙيندڙ، اداس، مايوس، پاتال، اوجهڙ.

style (اسٽائيل) **n** the manner of writing, mode of expressing thought in language or of expression, execution; action or bearing generally; a literary composition; the distinctive manner peculiar to an author or other; the particular custom or form observed, as by a printing house in optional manners; a kind or type; a slender structure of various kinds; the slender part of the pistil of a flower connecting the stigma and the ovary; a hand, pointer, index; the gnomon of a dial; a pointed instrument for writing on wax tables; a blunt probe, a tracing or cutting point; a mode of reckoning dates. عبارت، نمونو، انداز، ڍول، طرز تحرير، نالو، طرز، طريقو، انداز تقرير، طرز بيان، ڍنگ، امتيازي نشان، شڪل، جوڙڪ، ڍنگ، تند، تاندورو، ڏاڪو، گل جي مادي جزن جو حصو جيڪو تخم دانيءَ مان ڏاڪي مثل نڪري ٿو، سئي نما ڏاڪو، ڍنگ، مادي، وار، ڳپ نلي، نلي دار، ڪلڪ، قلم، پورٽو، مڏي سرائي، دستور، لقب، خطاب، پرڪار، ريت وضع

style book (اسٽائيل بوڪ) **n** a book of forms for deeds, or rules for printers and editors. نمونن جو ڪتاب، عملن يا عمل ڪاري جوبڙي، ڇاپڻ ۽ ايڊٽ ڪرڻ وارن لاءِ رهنما ڪتاب.

stylet or **stilet** (سٽائلٽ) **n** a probe; a wire in a catheter; a small bristlelike process; an engraving tool; a writing instrument; a piercing part of an insect's jaw; a stiletto. تند جهڙو، سئيءَ جهڙو، سوئو، گل وار، جيت جو چيندڙ عضوو، چاڙيءَ جو چڪيندڙ حصو، ننڍي ڪٽاري، خنجر.

styliferous (سٽائلي فيرس) **adj** bearing a slender structure of various kinds. تندوري دار، گردن دار، خاني دار.

styliform (سٽائلي فارم) **adj** shaped like a style or a bristle. تند نما، گردن نما، قلم شڪل.

stylish (اسٽائلش) **adj** displaying style; fashionable; showy; imposingly smart. نشن ڏيکدار، ناموڪو، ديداري، وارو، وضع دار، ڪنهن خاص طرز جو، نهڪشو ڦهڪشو، ڏيک ويکيو، نموني باز، ابمبري، ناسي، طلسمي، نمودار، چمڪيلو.

stylist (اسٽائلسٽ) **n** a person with a distinctive and fine esp literary style; a person who creates or arranges a style, esp in hairdressing etc. صاحب طرز، نئين طرز يا رواج وجهندڙ، هڪ خاص اسلوب وارن جو خاص نمونو.

stylistics (اسٽائلس ٽڪس) **n, sing** the science of the variations in language, including the effective values of different words, forms, and sounds, that constitute style in the literary and also the wider sense. طرز تحرير متعلق، اسلوب بيان متعلق، ادبي لکڻ بابت.

stylite (سٽائلائيٽ) **n** one of a class of ascetics that lived on the tops of pillars in ancient times. تپ رهاڪو، پراڻي دور ۾ مٿي يا ٿل جي چوٽيءَ تي رهندڙ ساڌو.

stylize (-ise) (اسٽائلائيز) **vt** to conventionalize; to give an elaborate, esp non-naturalistic style to. فنون لطيفه جي ڪنهن شيءِ کي خاص طرز تي لڳائڻ، ڪنهن صاحب طرز جي پيروي ڪرڻ.

stylobate (اسٽائلوبيٽ) **n** a continuous pedstal supporting a row of columns. ڏاڪاڻ حصو، ٿنڀي حصو.

stylograph (اسٽائلوگراف) **n** a pencil-like pen from which ink is liberated by pressure on a needlepoint. نوڪدار قلم، سوئي قلم نگار، مس وارو قلم، ڪلڪ، سنهي نب واري پين.

stylography (اسٽائلوگرافي) **n** a mode of writing or engraving with a style. نوڪدار قلم نگاري.

styloid (اسٽائلائڊ) **adj, n** like a style or bristle; forming a slender process; a spiny process, esp that of the temporal bone in the skull. سئيءَ جهڙو، قلم نما، وار نما، ڪنڊي صورت بيهڪ، هڏي جي ٻاهر نڪتل چوٽي يا ڇهنب.

stylolite (اسٽائلائيٽ) **n** an irregular suture-like boundary creating columnar formations in some limestones and evaporites, usu independent of the bedding planes, and probably formed by pressure-controlled solution followed by redeposition. سنگ عمودي، چن جي ڪاڻين ۾ عمودي سنگلاخ بيهڪ، چن جون عمودي ٽڪريون يا ٻاهر تي نڪتل بيهڪ جيڪا هڪ ٻئي کان جدا يا الڳ بيٺل نظر اچي.

stylometry (اسٽائلوميٽري) **n** a method of studying literary style and development by means of statistical analysis. (ادبي تنقيد جو) طريقو جنهن ۾ انگن اکرن رستي تنقيد کي بهتر نموني ڪيو وڃي.

stylopized (-s-) (اسٽائلوپزائڊ) **adj** (of eg bees) infested

with a strepsipterous parasite of the stylops or a similar genus. (ماکيء جي) مکين جي طفيلي جيوڙي بيماري.

stylopodium (اسٽائيلوپوڊيم) **n** the swollen disc-shaped or conical base of the style in umbelliferous plants. گردلي پير، ران، بازو، ڪنيڙ.

stylus (اسٽائيلس) **n** the cutting needle used in making gramophone records; a durable needle (eg sapphire- or diamond-tipped) for replaying a disc recording; same as style in the sense of the writing instrument or similar. قلم، سئي، نوڪ، تند، خانو. سنهي چهنب واري سئي، رڪارڊ وڄائڻ واري سئي.

styme or **stime** (اسٽائم) **n, vi** a glimmer or glimpse of light; a tiny amount, jot, particle; to peer. روشنيءَ جي چمڪ، روشنيءَ يا بجليءَ جو ڪرڻو، ترو، معمولي رقم، هلڪو جهلڪو، جهٽڪو، ذرو، اڻو، ليئو پائڻ، جهاتي پائڻ، لِڪي ڏسڻ.

stymie, stimie or **stimy** (اسٽائمي) **n, vt** a purblind person; a situation on the putting-green, once difficult to overcome, in which an opponent's ball blocks the way to the hole, a situation from which it is difficult or impossible to proceed; to put in such a situation; to frustrate, thwart, prevent; obstruct, block, stop. چنجهو ماڻهو، موڪو، ڪند، چسو، گولف راند جو هڪ مرحلو، اهڙي صورتحال جتان اڳتي وڌڻ ۾ رڪاوٽ يا مونجهارو هجي، منجهائيندڙ صورتحال ۾ وجهڻ، نا اميد ڪرڻ، نراس ڪرڻ، تنگ وجهڻ، ناڪامياب ڪرڻ، اٽڪائڻ، روڪڻ، جهلڻ، باز رکڻ، بند ڪرڻ، کهڻڻ، چر پر ختم ڪرڻ.

styptic (اسٽپٽڪ) **adj, n** drawing together; astringent; checking bleeding, haemostatic; a styptic agent. رت بند دوا، رت اخراج روڪ، رت بند ڪندڙ، خون بند دوا، قابض دوا، رَقو.

styptic pencil (اسٽپٽڪ پينسل) **n** a healing agent for minor cuts, esp sustained during shaving. معمولي زخمن کي لڳائڻ لاءِ دوا، ٽڪن، وڍن يا چيرن لاءِ ملم.

styracaceous (اسٽائريش) **adj** of, related or belonging to the storax family, chiefly American and Asian trees and shrubs with leathery, alternate leaves and often fragrant, bell-shaped white flowers. ريڙي پن وارن ٻوٽن جي باري ۾، اڇن گلن وارن آمريڪي ايشيائي ٻوٽن جي باري ۾.

styrax (اسٽائرئڪس) **n** any tropical or subtropical styracaceous tree or shrub of the genus. سلاجيت، گرم يا معتدل علائقن جي وڻ جو قسم.

Styrene (اسٽائرين) **n** an unsaturated hydrocarbon obtained from essential oils (such as the balsm storax) and coal-tar, forming thermoplastics on polymerization. پلاسٽڪ ٺاهڻ لاءِ ڏامر مان حاصل ڪيل ڪاربان وارو مادو.

styrofoam ® (اسٽاروفوم) **n** a type of expanded plastic made from polystyrene. نرم ربڙ يا فوم جو قسم.

suable (سوابل) **adj** that may be sued. دعويٰ جي قابل، ڪيس ڪرڻ جي قابل، ڪورٽ ۾ چڪڻ لائق.

suasion (سويزيهن) **n** persuation. سمجهائڻ، ترغيب ڏيڻ، فهمائش، لسچو، چٽ.

sauve (سواو) **adj** (of a person, esp a man) polite, sophisticated and smoothly affable, esp superficially so; smooth, bland. وڻندڙ، مٺي سڀاءَ وارو، مٺو خوش خلق، شائستہ، نرم، شيرين، لطيف، خوش اخلاق، ملڙ.

suaveolent (سواويلينٽ) **adj** fragrant. خوشبودار، سرهو، واسدار، وڻندڙ.

sub- (سب) **pfx** (1) under, underneath, underlying, below, at the bottom of; (2) subordinate, subsidiary, secondary; (3) part of, a subdivision of; (4) almost, partially, nearly, somewhat imperfectly, bordering or deviating slightly from; (5) secretly, covertly; (6) in smaller proportion; (7) in the style of but inferior to; subordinate; a subaltern; a sub-editor; a sublieutenant; a subsidiary; a subway; a subscription; a subscriber; a substitute etc. لفظي اڳياڙي – هيٺ، زير، چوٽو، گهٽ،تحت، لنڍو، زير دست، حصو، معمولي، گهٽ درجي وارو، ذرو، ٿورو، تقريباً، تڪ، ذري گهٽ، گهٽو ڪري، ڪجهہ قدر، لڳو لڳ، برابر، اٽڪل، تخميناً، ڪن، قريب، ٿوري فرق وارو، لڪل، لڪ ۾، مخفي، ڇپي ڪري، ٿورن حصن ۾ زير زمين، لنڍو ايڊيٽر، سب ايڊيٽر، سب ليفٽيننٽ، لنڍو ادارو، چندو، پتو، حصو پتي، حصو پتي ڏيندڙ،ٻئي بدران ڪم ڪندڙ، نمائيندو.

subacid (سب ائسڊ) **adj** somewhat or moderately acid or sour. زير ترش، تيزاب مائل کٽو، معمولي ترش يا کٽو.

subact (سب ائڪٽ) **vt** to work up (as in cultivation, the process of digestion etc); to subdue. ڪم شروع ڪرڻ، قبضي ۾ ڪرڻ، جيتڻ، آڻ مڃائڻ، ماري مات ڪرڻ، مطيع ڪرڻ، هٿ وس ڪرڻ، فتح ڪرڻ، کٽڻ، حاصل ڪرڻ.

subacute (سب اڪيوٽ) **adj** slightly or moderately acute; (of a disease) not acute but progressing more rapidly than chronic. معمولي تيزيءَ وارو، درمياني درمياني رفتار سان وڌندڙ، (مرض).

.**subadult** (سب آڊلٽ) **adj, n** (of an animal) fully or almost fully grown but not yet having developed all the adult characteristics; adolescent; an individual at subadult stage. (جانور) بلوغت کي پهچڻ وارو، تقريباً بالغ، جوانڙو.

subaerial (سب ايريل) **adj** in the open air; occurring on

the land at or near the earth's surface, as opposed to underground or under water.ميدان پر، لير هوائي، زير هوائي، سطح اراضي، گهٽ هوائي، ڪليل فضا پر، مٿاڇري تي ٿيندڙ.

subah (صوبا) **n** a province of the Mogul empire; a subahdar. صُوبو، صوبيدار.

subahdar or **subadar** (صوبيدار) **n** the governor of a subah; a native officer in an Indian regiment corresponding to a captain.صوبيدار مغلنيه دؤر جو صوبائي گورنر يا حاڪم، فوج جو ڪپتان جي برابر وارو مقامي عملدار.

subalpine (سب الپائن) **adj** bordering on the Alpine; at the foot of or on the lower slopes of the Alps. ڪوهه ايلپس جي دامن پر، ايلپس جبل جي هيٺاهين علائقي پر.

subaltern (سبالٽرن) **adj, n** (of military officers) under the rank of captain; particular; being at once a genus and a species of higher genus; ranked successively; subordinate, of inferior status; occupied by, or having the status of, a vassal; a subaltern officer; a proposition differing from another in quantity alone..زير دست، ڪپتان کان هيٺ جنگي عملدار، ماتحت، مطيع، محڪوم، هڪ اهڙو پوئو يا جانور جيڪو ساڳي وقت جنس به هجي ته جنس جي هڪ حصي طور به شامل هجي، گهٽ درجي وارو، ڪڙمي هاري، آبادڪار، موروثي هاريءَ جي حيثيت پر موجود ننڍو عملدار، گهٽ مقدار پر.

subalternate (سب الٽرنيٽ) **n, adj** a particular proposition in relation to the subaltern universal; subservient, lesser in status; intermediate between alternate and opposite..لير متبادل، متواتر، لير واراتي، ماتحت، پنهنجي واري سان اچڻ وارو، هيٺيون، گهٽ درجي وارو.

subalternation (سب آلٽرنيشن) **n** the relation between a universal and particular of the same quality.عام ۽ خاص جو فرق.

subapical (سب ايپيڪل) **adj** below the apex. چوٽيءَ کان هيٺ، مدار کان هيٺ.

subapostolic (سب اپوسٽالڪ) **adj** of the time just after that of the apostles. پيغمبرن کان لاڳيتو پوءِ وارو وقت.

subaquatic (سب اڪئيڪٽڪ) **adj** under water; partially aquatic. پاڻي جي هيٺان، لير آبي.

subarachnoid (سب آرڪ نائڊ) **adj** below the arachnoid membrane; of, relating to or occurring in the space between the arachnoid membrane and the pia meninges of the brain. زير تاڃي نما.

subarcuate (سب آرڪيوئيٽ) **adj** somewhat arched; with two or more arches under a main arch..محرابي، وڏي محراب هيٺان ننڍا ٻه يا ٻن کان وڌيڪ محراب.

subassembly (سب اسيمبلي) **n** an assembled unit that may be incorporated with others in more complex assembly.ڪنهن وڏي شيءِ جو هڪ ننڍو حصو جيڪو مڪمل طور تيار ۽ وڏي حصي سان لڳائڻو هجي.

subastral (سب اسٽرل) **adj** beneath the stars, terrestrial. دنيوي، خاڪي، سنساري، زمين جو، خلائي، فضائي.

subatom (سب اٽم) **n, adj** a constituent part of an atom. اٽم جو جزو، اٽم جوهڪ معمولي حصو.

subatomic (سب اٽمڪ) **adj** relating to particles constituting the atom or processes that occur within the atom or at less than atomic level.زير جوهري، نيم جوهري.

subatomics (سب اٽمڪس) **n. sing** the study of these particles and processes.اٽم جي ذرڙن جو مطالعو، علم زير جوهريات، علم نيم جوهريات.

subaudition (سب آڊيشن) **n** a sense understood or implied without being expressed..بنا چوڻ جي سمجهي وڃڻ، اشاري مان مطلب اخذ ڪرڻ، اشاري پر مطلب سمجهي وڃڻ.

subaxillary (سب آڪزيلري) **adj** in or growing beneath the axil; beneath the armpit.زير ڪڇ، نيم بغلي،بغل جي هيٺان.

subbase (سب بيس) **n** the lowest part of a base; a division of a military base.بنياد، بنياد جو هيٺيون حصو، ننڍو فوجي اڏو يا بينڪ.

subbasement (سب بيسمينٽ) **n** a storey below a basement. زير زمين واري ٻي منزل، زمين دوز، ٻي يا هيٺين ڇت.

subbie (سوبي) **n** a subcontractor, esp one working for a main contractor in the construction industry.وڏي ٺيڪيدار جو ڪم ڪندڙ ننڍو ٺيڪيدار، پيٽي ٺيڪيدار.

sub-branch (سب برانچ) **n** a secondary or subordinate branch. زير شاخ، ذيلي شاخ، ننڍي ٽاري، ننڍي شاخ.

sub-breed (سب بريڊ) **n** a secondary or inferior breed. ننڍو نسل، ضمني نسل، گهٽ درجي وارو نسل، ذيلي نسل.

Subbuteo ® (سبوٽيو) **n** a version of table football in which individual toy players mounted on hemispherical bases are flicked with the fingers.ٽيبل تي آڱرين سان کيڏڻ واري فوٽ بال راند.

subcalibre or **subcaliber** (سب ڪئليبر) **adj** (of ammunition) of a calibre less than the firearm or barrel used to fire it.گهٽ ماپ جون گوليون يا گولا. مقرر کان گهٽ ماپ وارو هٿيار جو بارود، گهٽ

subcarrier (سب ڪئريئر) **n** a modulated frequency used to modulate (with others) a main carrier wave. هيٺاهين درجي واريون صوتي لهرون.

subcartilaginous (سب ڪارٽيليجنس) **adj** composed partly of cartilage; situated under a cartilage.زير

ڪرڻي هلو، نيم ڪرڻي هلو، ڪرنگهي جي هيٺان واري بيهڪ.

subcategory (سب ڪئٽيگري) n a secondary or subordinate category. ثانوي درجي يا حيثيت جو، ٻئي درجي جو، هيٺين درجي جو، گهٽ درجي وارو.

subcaudal (سب ڪاڊل) adj of or concerning the region under the tail or the back part of the body. بدن جي پچ واري حصي بابت، پڇ جي هيٺئين عضون لاڳاپيل، جانور جي نيڪال ۽ جنس وارن عضون بابت.

subcellular (سب سيليولر) adj occurring within a cell; smaller than a cell. ذري اندر موجود ساڻي متعلق، تمام ننڍن ذرڙن بابت.

subclass (سب ڪلاس) n a secondary or subordinate class; a taxonomic category below a class. ننڍو طبقو، ذيلي طبقو، ننڍو قسم، هيٺيون طبقو، ذيلي جماعت، ذيلي حصو.

sub-clause (سب ڪلاز) n a subsidiary section of a clause; a subordinate clause. ذيلي شق، درمياني شق، معمولي شق.

subclavian (سب ڪليوين) adj & n (any of the arteries or nerves) situated or passing under the clavicle. زيرنس، هيٺين پاسي واري نس.

subclimax (سب ڪلائيميڪس) n a relatively stable plant community or system at some stage of a succession preceding climax. درمياني اوڄر تي پهتل ٻوٽا ۽ انهن جو خاندان.

subclinical (سب ڪلينيڪل) adj (of a disease) not sufficiently developed to be detectable by usual clinical methods. زير سريري، نيم سريري.

sub-committee (سب ڪاميٽي) n a secondary committee. وڏي ڪاميٽيءَ مان ٺاهيل ننڍي ڪاميٽي، ذيلي ڪاميٽي.

sub-compact (سب ڪامپيڪٽ) n a small car, such as a sports car. ننڍي ڪار، اسپورٽس ڪار، ٻن ماڻهن جي وهڻ واري موٽري گاڏي.

subconical (سب ڪونيڪل) adj approximately conical. تقريباً گول يا گنبذ جي صورت ۾، مخروطي، محرابي.

subconscious (سب ڪانشس) adj, n dimly conscious; distant from the focus of attention but capable of being consciously recalled; (of memories, motives, intentions or thoughts) of which the individual is only dimly aware but which exert an influence on his or her behaviour; the subconscious mind or activities. تحت الشعور، اڌوري هوش ۾، نيم بي هوش، ڌيان ۾ يا ذهن ۾ ويٺل مگر ياد نه ايندڙ، شعور، شعوري ڪم ڪار، يادگيريءَ تي مداري عمل.

subcontinent (سب ڪانٽيننٽ) n a large portion of a continent with a character of its own (a term formerly applied to South Africa, and later to India); a large landmass not large enough or distinct enough to be called a continent. ذيلي بر اعظم، ننڍو کنڊ، بر صغير، اپکنڊ، وڏي کنڊ جو مکيه يا الڳ حصو.

subcontract[1] (سب ڪانٽرئڪٽ) n a contract subordinate to another contract, as for the subletting of work. وڏي ٺيڪي جو هڪ ننڍو يا معمولي حصو جيڪو جدا ٺيڪي طور ڏني سگهجي.

subcontract[2] (سب ڪنٽرئڪٽ) vi, vt to let out or undertake work under a subcontract; to engage one or more parties as subcontractor(s), to carry out working forming all or part of an original contract; to undertake work under a subcontract. وڏي ڪم کي ننڍن ٺيڪيدارن ۾ ورهائي ٺيڪي تي ڏيڻ، ننڍي ٺيڪي طور ڪم ڏيڻ، وڏي ڪم کي ننڍن حصن ۾ ورهائي ٺيڪي تي ڏيڻ.

subcontrary (سب ڪانٽرري) adj, n (of a particular proposition in relation to another differing only in quality) such that at least one must be true; a subcontrary proposition. ڪجهه قدر مختلف، تضاد پيدا ڪرڻ وارو، اهڙو سوال يا مسئلو جنهن ۾ جواب طور ڏنل مواد ۾ هڪ جواب صحيح ٻيو غلط هجي.

subcostal (سب ڪاسٽل) adj, n near or under a rib or the ribs; behind or near the costa; the subcostal nervure or vein of an insect's wing. پاسرين سان لاڳاپيل يا انهن جي پرسان، ڪچن جي هيٺان بدني حصو، ننڍيون بدني رڳون يا نسون، جيت جي پرن واريون نسون يا رڳون.

subcritical (سب ڪرٽيڪل) adj of insufficient mass to sustain a chain reaction; below the critical temperature for hardening metals. گهٽ موجود مواد (جيڪو لاڳيتي يا لڳاتار هلندڙ سلسلي لاءِ گهٽ سمجهيو وڃي) مادن کي سخت ڪرڻ ۽ گهريل گرمائش کان گهٽ درجي جي گرميءَ جي موجودگي.

subculture (سب ڪلچر) n a social, ethnic or economic group with a particular character of its own within a larger culture or society; a culture (eg of a micro-organism) derived from a pre-existing one. نيم تهذيب، زير ڪاشت، نيم زراعتي.

subcutaneous (سب ڪيوٽينس) adj beneath or just under the skin. زير جلدي، هيٺين جلدي، نيم کل جهڙو، کل هيٺان.

subdelirious (سب ڊليريس) adj mildly or intermittently delirious. مڪمل طور هوش ۾ نه هجڻ واري حالت، اڌ چريو، وڦلندڙ، نيم مست.

subdivide (سب ڊوائيڊ) vt, vi to divide into smaller divisions; to divide again. وري ونڊڻ، ڀاڱن جا ڀاڱا ڪرڻ.

ڪنهن علائقي کي ننڍن ٽڪرن ۾ ورهائڻ، وڏي حصي کي ننڍن حصن ۾ ورهائڻ، تقسيم ثاني ڪرڻ.

subdivision (سب ڊويزن) n the act or an instance of subdividing; a secondary or subordinate division; an area of land divided into plots for sale. ضلعي جو پاڳو، تعلقو، پاڳي جو پاڳو، ننڍو پاڳو، ننڍو حصو، تقسيم ثاني، پر پاڳو.

subdivo (سب ڊائيوو) adv under the sky; in the open air. کليل آسمان هيٺان، کلي فضا ۾، کلي هوا ۾، بنا ڇت جي.

subdolous (سب ڊولس) adj crafty. ٺڳ، حرفتي، فريبي، مڪار، دغاباز، عيار، چالاڪ.

subdominant (سب ڊامينٽ) n, adj the fourth degree of the diatonic scale; something that is partially or not quite dominant; not quite ranking as dominant; partially dominant. زير غالب، نيم قابض،موسيقيءَ جو هڪ هلڪو ايڪو يا انداز.

subduce (سب ڊيوس) vt to withdraw. ڪٽڻ، گهٽائڻ، ڪڍي ڇڏڻ، الڳ ڪرڻ، واپس وٺڻ، ڪڍي وڃڻ، ڪٽي وٺڻ، ڪٽي وڃڻ.

subduct (سب ڊڪٽ) vt, vi to withdraw, take away; to abstract or take away secretly or surreptitiously; to lift up; to cause subduction; to take something away; to undergo subduction. ڪڍي ڇڏڻ، گهٽائڻ، ڪاٽڻ، واپس وٺڻ، ڪڍي وٺڻ، الڪل سان يا چوريءَ کسڪائي وٺڻ، ڪٽي وٺڻ، ڪا شي ڪٽي هليو وڃڻ، گهٽجڻ.

subduction (سب ڊڪشن) n a withdrawal, subtraction; the action or process of one part of the earth's crust moving underneath another. ڪٽ، گهٽائڻ، ڪاٽڻ، واپس وٺڻ، ڪٽي ڇڏڻ، ڌرتيءَ جي مختلف طبقن يا حصن جو پاڻ مرادو هيٺ هوڏي ٿيڻ.

summum bonum (سمم بونم) n the chief good (as the ultimate ethical objective).اخلاقي معيار جي اعليٰ ترين سطح، خاص ڳڻ، ڀلائي.

summum genus (سمم جينس) n the highest division in a classification; a genus that cannot be categorized under a higher genus.جيوت درجا بنديءَ ۾ سڀ کان ڪهڻي ۾ ڪهڻو ولدجندڙ درجو، اهڙي جيوت جيڪا مٿين درجي ۾ شامل نه ڪري سگهجي.

sumo (سُومو) n a traditional Japanese sport, a form of wrestling, in which a contestant wins if he succeeds in forcing his opponent out of the ring or causes him to touch the ground within it with any part of his body other than the soles of his feet.(Jap).هڪ جپاني عام راند، جپاني ملهه يا ڪشتيءَ جو هڪ قسم، زمين تي ڪيرائي ڪاپائڻ واري جپاني ڪشتي يا ملهه.

sumotori (سوموٽوري) n a sumo wrestler..جپاني پهلوان، جپاني ڪشتيوان، جپاني ملهه.

sump (سمپ) n a bog, pool, puddle; a pit or depression into which liquid drains, such as the lowest point of a mine into which water drains, a depression into which seawater drains at a salt work; a reservoir for liquid, esp the lower part of the crankcase in an internal combustion engine serving as a receptacle for oil..حوض، ڪوڏي، ڪڏ، تيل کان لوڻ کاڻ، ترائي، موٽر گاڏيءَ جي انجڻ جو سڀ کان هيٺيون حصو، ڊٻڻ، کپ، کاڻ جو هيٺين ۾ هيٺئون حصو جنهن ۾ پاڻي گڏ ٿيندو

آهي. لوڻ جي ڪارخاني ۾ آها ڪلا جنهن ۾ پاڻي گڏ ٿيندو آهي.

sumph (سمف) **adj** a stupid person, a simpleton; a surly, sullen person. بي وقوف ماڻهو، سادو، خصي وارو شخص، چسو، ٽانڊيءَ ٽپڻو، ڪاوڙيلو.

sumpit or **sumpitan** (سمپٽ آر سمپٽن) **n** a Malay blow-pipe made from a hollow cane and used for shooting arrows.(ملايا جي علائقي جو) ڪانيءَ جو پائپ جنهن سان تير اڇليو ويندو آهي، لڙو يا پورو بانس، ڪنگور جو تيلو.

sumpsimus (سمپسيمس) **n** a correct expression used in place of one that is popularly used but is strictly incorrect.صحيح لفظ يا جملو جيڪو غلط لفظ جي جاءِ تي استعمال ٿيندو هجي.

sumpter (سمپٽر) **n** a packhorse or mule.لاڏو گهوڙو يا خچر، بار برداري ڍڳو، بار گهوڙو، باري ڍڳو يا ٽٽو، پوٺي.

sumptuary (سمپ ٽيوئري) **adj** pertaining to or regulating expense; relating to the control or moderation of extravagance.خرچ پکي جو يا اتي ضابطي بابت، محصول، مسواڙ بابت، خرچ بنديءَ جو، اجائي خرچ ڪرڻ کان بچڻ بابت.

sumptuous (سمپ ٽيوئس) **adj** costly; magnificently luxurious.شاندار، اچو، قيمتي، رونقدار، مهانگو، گران، وڏو خرچ ڪائيندڙ، ڏيک ويکيو، عاليشان، زرق برق.

Sun (سن) **n, vt, vi** the star which is the gravitational centre around which the planets, revolve, and the source of light and heat to our planetary system; its heat and light; the position of this star or the time when it is visible in the sky; sunshine; any star around which planets, revolve; a representation of the sun, often with a human face; a person or thing likened to the sun; eg in splendour, glory, as the central body in a system; a year, or a day; sunrise; sunset; to expose to the sun's rays; to warn; to be exposed or expose oneself to the sun's rays; to bask in sunshine..سج، شمس، آفتاب، سورج، آڏت، تڙڪو، اس، اس ۾ وهڻ، اس ۾ رکڻ، ڏينهن، سج جي مدار ۾ موجودگي، ڏينهن جو وقت، سج جي روشنيءَ وارو وقت سج جي روشني، آفتابي چهرو، شمس مانند، مشهور ماڻهو، مرڪزي جسم، آفتابي جنتري، سج اڀرڻ، سج لهڻ، تڙڪو ڏيڻ، اس چٽڻ ، غسل آفتابي، تارو (سج) جيڪو ڪشش ثقل جو مرڪز آهي ۽ جنهن جي چوڌاري ٻيا گرهه ڦرن ٿا، شمسي نظام ۾ روشنيءَ ۽ گرمي حاصل ڪرڻ جو وسيلو، ڪوبه تارو جنهن جي چوڌاري گرهه چڪر لڳائين.

sun-and-planet (سن اينڊ پلينٽ) **adj** geared so that one wheel moves round another.اهڙو گيئر جنهن ۾ هڪ ڦيٿوٻئي جي چوگرد ڦري، گرارين جو هڪ ٻئي جي ڪنارين سان ملي ڦرندڙ نظام.

sun animalcule (سن انيمل ڪيول) **n** a heliozoan.سج جي زير اثر خلائي علائقو، شمسي حيوانڙو، آبي خوردبيني جيوڙا.

sunbake (سن بيڪ) **vi** to sunbathe..اس ۾ اگهاڙو ٿي ويهڻ.

غسل آفتابي، تڙڪو وٺڻ، اس چٽڻ، ا جهڻ، اس کائڻ، اس سيڪڻ.

sunbaked (سن بيڪڊ) **adj** baked or dried by the heat of the sun.اس ۾ سڪايل، گرمي ڏنل، اس يا سج جي گرميءَ تي پچايل يا خشڪ ڪيل.

sunbath or **sunbathe** (سن باٿ) **n** exposure of the body to the sun's rays, esp in order to tan the skin..اگهاڙي بدن اس ۾ رهڻ، اس کائڻ، اس سيڪڻ، غسل آفتابي، اس چٽڻ، اس جهڻ، جيئن ڪجهه جانور ۽ پکي غسل آفتابي ڪندا آهن.

sunbeam (سن بيم) **n** a shaft of sunlight..سج جو ڪرڻو، شعاع، تر ورو، شمسي شعاع.

sunbear (سب بيئر) **n** a small black bear of forest areas of SE Asia, with a crescent-shaped yellowish white patch at the front of its neck.ڏکڻ اوڀر ايشيا جو هڪ جهنگلي ڪارو رڇ جنهن جي سيني تي اڇو يا پيلاڻ مائل چنڊ صورت نشان هوندو آهي، ڪتي شڪل رڇ، آفتابي رڇ.

sunbeat or **sunbeaten** (سب بيٽ آر سن بيٽن) **adj** continually exposed to the sun.سدائين سج جي سامهون رهندڙ، کلئي آسمان هيٺ موجودگي، اس ۾ لاڳيتو ٻاهر موجود.

sunbed (سن بيڊ) **n** a unit consisting of a couch with sunlamps for obtaining an artificial suntan; a sun-lounger.مصنوعي روشنيءَ ۾آفتابي غسل لاءِ پلنگ، اس ۾ ليٽڻ وارو کٽولو، اس ۾ رهندڙ، غسل آفتابي ڪندڙ.

sunbelt (سن بليٽ) **n** a region with a warm, sunny climate, a preferred place to live; a favoured area generally; the southern states of the US.گرمي ۽ اس وارو علائقو، رهڻ جي لاءِ سٺي جاءِ، خاص ڪري پسند واري جاءِ، آمريڪا جي ڏاکڻيون رياستون.

sunberry (سن بيري) **n** a dark red edible fruit, a hybrid resulting from a cross between blackberry and a raspberry; the plant producing this fruit.گهاٽي ڳاڙهي رنگ جو کائڻ وارو ميوو، ڪاري ٻير ۽ رس ٻيريءَ جي ميلاپ سان تيار ڪيل خاص ٻير جو قسم.

sunbird (سن برڊ) **n** any of the family of small, often brightly-coloured, tropical birds related to honey-eaters and superficially like humming birds.رنگ ٻرنگي ڪائڻ وارو پکي، سون ڦوسڙي، چيهو، هڊيلو، شڪر خورو ۽ ٻيا رس چوسيندڙ پکي.

sun bittern (سن بٽرن) **n** a S American wading bird with brilliant many-coloured markings.ڏکڻ آمريڪا جو پاڻيوارو پکي،رنگين پرن وارو آمريڪي پکي، آفتابي بگهه.

sunblind (سن بلائينڊ) **n** a shade or awning for a window.اس کان بچڻ لاءِ دري جي پردي، سائبان.

sunblink (سن بلنڪ) **n** a gleam of sunshine.سج جو ڪرڻو، ترورو، شعاع، پرتوو.

sunblock (سن بلاڪ) **n** a sunscreen that completely

protects the skin from the sun's ultraviolet rays.سج جي ڪرڻن کان محفوظ رهڻ لاءِ پردو. بدن کي لڳائڻ وارو مادو يا ملم جنهن ڪري اُس جو جسم تي اثر نہ ٿئي.

sun bonnet (سن بونيٽ) n a light bonnet projecting beyond the face at the top and sides to provide protection from the sun.اُس کان محفوظ رهڻ لاءِ وڏن ڪنارن واري ٽوپي يا ٽوپلو.

sunbow (سن بو) n a bow or arc of rainbow-like colours that is made by the sun shining through spray or mist, eg of a waterfall.اندلٺ جهڙو رنگ، شمسي اندلٺ، قوس شمسي، قوس قزح.

sunbright (سن برائيٽ) adj bright as the sun.سج جهڙو روشن، تيز روشني ڏيندڙ.

sunburn (سن برن) n,vt,vi reddening of the skin and tenderness caused by excessive exposure to the sun's ultraviolet rays; tanning of the skin; to burn or tan by exposure to the sun; to become sun burned..تيز اُس ۾ کل جو رنگ ڳاڙهو ٿي وڃڻ. سج ساڙ. اُس ساڙ. اُس جي جلن (تپش). اُس ۾ سڪايل. ٽامڻي. ٽامڙي.

sunburst (سن برسٽ) n a strong outburst of sunlight; something, eg a jewel or ornament, resembling the rayed sun.سج جي تيز روشنيءَ جي جهلڪ. هيري يا زيور جي چمڪ. سج جو ڪرڻو يا ترورو.

sunclad (سن ڪليڊ) adj clothed in radiant light. چمڪدار لباس پاتل. ترورا ڪيدڙ لباس يا پوشاڪ پهريل.

suncrack (سن ڪريڪ) n a crack formed in clay ground as it dries in the sun, often preserved in rocks.زمين ۾ چمپل مٽيءَ ۾ سج تپش سان پيل ڏار. تيز گرميءَ ۾ خشڪيءَ ڪري ڦاٽل زمين.

suncult (سن ڪلٽ) n worship of a sun-god or of the sun. سج ديوتا جي پوڄا.

sun-cured (سن ڪيرڊ) adj cured in the sun.سج جي شعاعن سان علاج. سج جي تَوَ تي سڪايل. اُس ۾ سڪايل.

sundae (سن) n an ice-cream with syrup or crushed fruit; a mixed nougat or confection.شربت سان ٺهيل آئسڪريم يا فروٽ آئسڪريم.

sundance (سن ڊانس) n a N American Indian ceremonial dance, performed in honour of the sun.سج ديوتا جي شان ۾ ڏکڻ آمريڪا جو روائتي ناچ.

sundari (سن داري) n an East Indian sterculiaceous timber-tree اوڀر هندستان جي عمارتي ڪاٺ جو قسم.

Sunday (سن ڊي) n the first day of the week, anciently dedicated to the sun, now regarded as the Sabbath by most Christians; a newspaper published on Sunday; of, for or occurring on Sunday..آرتوار. آچر. چوٿيءَ جو ڏينهن آچر جي ڏينهن جي اخبار. آچر جو يا آچر جي ڏينهن تي ٿيڻ وارو يا آچر جي باري ۾.

Sunday best (سنڊي بيسٽ) n one's best clothes.بهترين وڳو. سٺي ۾ سٺي پوشاڪ.

Sunday driver (سنڊي ڊرائيور) n someone who drives a car at weekends only, hence an unpractised and incompetent driver.اتفاقي طور گاڏي هلائڻ وارو. آچر ڏينهن گاڏي هلائيندڙ. ڪچو ڊرائيور.

Sunday painters (سنڊي پينٽرس) n people who paint seriously but in their spare time..وقتي طور مصوري ڪندڙ. شوقيہ مصور.

Sunday punch (سنڊي پنچ) n a powerful punch intended to knock out one's opponent.مخالف کي زوردار مُڪ هڻڻ. هيٺ ڪيرائڻ جي نيت سان سخت ڌڪ هڻڻ.

Sunday saint (سنڊي سينٽ) n someone whose religion or morality is confined to Sundayفقط آچر جي ڏينهن تي مذهبي رسمون ادا ڪرڻ وارو. ٻاهرئين ٻني ديندار. عيسائي جيڪو صرف آچر تي عبادت ڪري.

Sunday school (سنڊي اسڪول) n a school for religious (orig general) instruction for children on Sunday.آچر جي (مذهبي) ڏينهن جو اسڪول. ٻارن کي آچر ڏينهن مذهبي تعليم ڏيندڙ ادارو يا اسڪول.

sundeck (سن ڊيڪ) n the upper deck of a passenger ship that is exposed to the sun; a roof, balcony or terrace used for sunbathing.بحري جهاز جي ڇت يا مٿيون کليل حصو جتي غسل آفتابي ڪري سگهجي. گهرجي ڇت يا بالڪوني.

sunder (سنڊر) vt, vi to separate; to part..الڳ يا ڌار ڪرڻ. ٻہ حصا ڪرڻ. ٻہ اڌ ڪرڻ. وڇوڙڻ. جدا ڪرڻ.

sundew (سنڊيو) n an insectivorous bog plant.جيت خور ٻوٽو. جيت جهٽو (ٻوٽو).

sundial (سن ڊائيل) n a device for telling the time by a shadow cast by the gnomon on a graduated flat surface. ڌوپ گهڙي، اُس گهڙيال. سورج گهڙي.

sundisc or sundisk (سن ڊسڪ) n the visible disc of the sun; a winged disc; an ancient Egyptian symbol of the sun-god.نظر اچڻ وارو سج. هڪ گول پرن لڳل ٿالهي. قديم مصري سج ديوتا جي نشاني.

sundog (سن ڊاگ) n a mock sun or parhelion.مصنوعي سج. سورج شڪل بيهڪ. شمس ڪاذب. صغير اندلٺ.

sundown (سن ڊائون) adj sunset; a woman's broad-brimmed hat.سج لهڻ وارو وقت. سانجهي. سنجهو. عورتن جو ويڪرن ڪنارين وارو ٽوپلو.

sundrenched (سن ڊرينچڊ) adj exposed to long periods of hot sunshine.سج جي روشنيءَ ۾ گهڻي دير تائين رهندڙ. اُس ۾ گهڻي وقت تائين رکيل.

sundress (سن ڊريس) n a low-cut dress, leaving the arms, shoulders and back exposed to the sun.مختصر

لباس جيئن اس لڳندي رهي، بنا پانهن ۽ ڪالرن جي لباس، ننڍين پانهن ۽ ڪيسي ڪالر وارو لباس.

sundried (سن ڊرائيڊ) **adj** dried in the sun. اس ۾ خشڪ، اس ۾ سڪل، اس ۾ خشڪ ڪيل.

sundries (سن ڊريز) **adj** sundry things; miscellaneous small things, esp things of low or little value. متفرق سامان ريزڪي سامان، معمولي شيون، ويگر، وکر، پرچوڻ.

sundrops (سن ڊراپس) **n** an American evening primrose with flowers that open at or around sunrise. سج ايرڻ وقت جو آمريڪي گل.

sundry (سن ڊري) **adj** separate; more than one or two; several; miscellaneous, various; varied. متفرق سامان. گهڻن قسمن جو، ريزڪي، سڀ، جٿو جٿو، مختلف، ريزڪي، نانا پرڪار جو، قسمين قسمين، ذات ذات جو.

sun-expelling (سن ايڪسپيلنگ) **adj** keeping off the sun. سج کان بچائيندڙ، سج کان پري رهندڙ يا ڪندڙ.

sunfast (سن فاسٽ) **adj** (of dye, fabric or garment colour) not fading in the sunlight. سج جي روشني ۾ خراب نه ٿيندڙ، پڪي رنگ وارو، اڻ ڦينهڙ (ڪپڙو).

sunfish (سن فش) **n** any of various N American perch-like fishes eg the largemouth bass, small mouth bass and pumpkinseed, all having rounded, often brightly-coloured bodies and differing from the perches in that they build nests and care for their young; any large marine fish of the family, of temperate and tropical seas, having a deep almost oval body and teeth fused to form a sharp beak. مڇي جو هڪ قسم، (ڏکڻ آمريڪا ۾) سورج مڇي، معتدل پاڻيءَ جي سامونڊي مڇي جيڪا پنهنجن ٻچن جي تمام گهڻي حفاظت ڪندي آهي ۽ ان خاطر چار به ناهيندي آهي.

sunflower (سن فلاور) **n** a composite plant or its large head with yellow rays and edible seeds from which an oil is extracted. سورج مکي جو گل ۽ ان جا تيلي ٻج، سورج گل، ڪاڇرو تيل سان پريور ٻجن وارو گل ۽ ان جو ٻوٽو.

Sung (سنگ) **n** a Chinese dynasty (960-1279); of the dynasty, or its culture, including pottery. چين جو سنگ دؤر چين جو هڪ پراڻو حڪمران خاندان، ان دؤر جي ثقافت، برتن سازي وغيره.

sunglass (سن گلاس) **n** a burning-glass. سخت گرم ٿيل گلاس، اس ۾ پيل گلاس، تتل گلاس.

sunglasses (سن گلاسز) **n.pl.** dark-lensed spectacles used to protect the eyes against strong sunlight. اس کان بچڻ لاءِ ڪارن يا رنگين شيشن وارو چشمو يا عينڪ.

sunglow (سن گلو) **n** the glow in the sky before sunrise and after sunset. سج ايرڻ کان پهرين ۽ لهڻ کان پوءِ جي روشني، سج لهڻ يا ايرڻ وقت نظر ايندڙ پيلي روشني ۽ ڪرڻا.

sun-god (سن گاڊ) **n** a god personifying or concerned with the sun. سورج ديوتا، سج ديوتا.

sun hat (سن هيٽ) **n** a hat with a brim to shade the face. اس کان بچاءَ لاءِ ٽوپلو، ڏوپ ٽوپلو.

sunk (سنڪ) **n** a turf seat; a pad; a bank; an over-weight person. نرم بچاءَ جو ڪپڙو، هڪ وزندار ماڻهو، ٿلهو ماڻهو، ڪنارو، بند.

sunket (سنڪيٽ) **n** a dainty or delicacy. مزيدار يا سوادي کاڌو.

sunlamp (سن ليمپ) **n** a lamp that gives out ultraviolet rays, used curatively or to induce superficial suntan; a lamp producing a very bright light, used in filmmaking. تيز روشني ڏيندڙ بتي، اس وانگر تيز روشني ڏيندڙ بلب.

sunlight (سنلائيٽ) **n** the light of the sun. سج جي روشني، اس، ڏوپ، ٽڙڪو.

sunlit (سن لٽ) **adj** lighted by the sun. سج مان روشن ٿيل، اس ڪري روشن.

sunlounge or **sun parlour** (سن لائونج يا سن پارلر) **n** a room with large windows, or a glass wall, to admit the maximum sunlight. روشن ڪمرو، وڏين وڏين درين يا شيشي جي ديوار جنهن مان وڌ ۾ وڌ روشني داخل ٿئي.

sun lounger (سن لائونجر) **n** an upholstered couch for sunbathing. ٽڙڪي وٺڻ لاءِ پلنگ يا کٽولو، چپر کٽ.

sunmyth (سن مٿ) **n** a solar myth. سورج يا سج ديوتا متعلق ديومالائي روايتون، سج ديوتا سان لاڳاپيل ڪهاڻيون.

sunn (سن) **n** an E Indian leguminous shrub that yields a tough fibre used in rope-making; this fibre (Hindi). سنا ٻوٽو، سنامڪي ٻوٽو جيڪو رسن ٺاهڻ جي ڪتب ايندو آهي، مضبوط رسا ٺاهڻ وارو ٻوٽو.

Sunna or **Sunnah** (سنا) **n** a traditional root of Muslim law, based on biographical stories about Muhammad (PBUH), constituting, a secondary source of revelation to that which is written down in the Koran. سنت رسول، رسول الله جو فرمان يا عمل، حضور جن جون روايتون، حديثون.

Sunni (سني) **n** one of the two main branches of Islam, accepting the authority of the Sunna; a member of this sect. سني مسلمان (مسلمان جي ٻن وڏن فرقن مان هڪ، رسول الله جي سنت تي عمل ڪندڙ) مسلمانن جو هڪ وڏي ۾ وڏو ۽ مکيه فرقو.

sunny (سني) **adj** of, from like or lighted, coloured or warmed by the sun; genial; cheerful. گرم، اس، ٽڙڪو، منور، نوراني، فرحتي، شمسي گرمي، روشن، اس وارو، خوش طبع، گرم هوا، همدرد، خوش مزاج، خنده رو، گل مک.

sunnyside (سني سائيڊ) **n** a pleasant or cheerful part or

point of view; the better side; an age less than one specified..خوش گوار، زندگيءَ جي باري ۾ مثبت نظريو.بهتر رخ.
اصل عمر کان گهٽ نظر ايندڙ عمر.

sun protection factor (سن پروٽيڪشن فيڪٽر) n the effectiveness of a sunscreen in protecting the skin from the sun's ultraviolet rays, usu indicated by a number on a scale of 1 to 12 or 15.چمڙيءَ يا کل کي اس
کان بچاءُ لاءِ پردو (گهٽوگهٽ ۱ کان ۱۲ يا ۱۵ جي پيمائش جي نمبر تي).

sunray (سن ري) n a sunbeam, ray of sunshine.سج جا
ترورا، سج جا ڪرڻا، شعاع.

sunray pleats (سنري پليٽس) n tapering knife pleats giving a flared effect to skirts, etc.ڪپڙي ۾ پليٽون
وجهڻ، ڪپڙي جي ڪناريءَ ۾ گهاريون ڪرڻ.

sunrise or **sunrising** (سن رائيز آر سن رائزنگ) n. the rising or first appearance of the sun above the horizon; the time or colour-effects of this rising; the east..صبح سج ايرڻ، طلوع آفتاب، صبوح جو وقت، گلابي صبح.
سج ايرڻ، مشرق يا اوڀر طرف نظر ايندڙ گلابي روشني.

sunrise industry (سن رائيز انڊسٽري) n a new and rapidly-growing industry, often based on electronics.نئين تيزي سان ترقي ڪندڙ صنعت (خاص ڪري بجلي يا
اليڪٽران تي مبني جيئن ڪمپيوٽر وغيره).

sunroof or **sunshine roof** (سن روف آر شائين روف) n a section in a car roof that can be slid open to admit light and air.ڪار جي شيشي واري ڇت،موٽر گاڏيءَ جي ڇت ۾
شيشي واري دري.

sunroom (سن روم) n a sun lounge..اس سان روشن ڪمرو،
سج جي روشنيءَ سان منور جڳهه.

sunscreen (سن اسڪرين) n a lotion, cream, that prevents sunburn by screening the skin from ultraviolet rays.اس کان بچاءُ لاءِ لوشن يا ڪريم، سج جي تيز ڪرڻن کان
بچائيندڙ تيل يا ڪريم، طبي مادو.

sunset or **sunsetting** (سن سيٽ آر سيٽنگ) n the setting or going down of the sun; the time or the phenomenon of this; the west..سج جو لهڻ، سج لهڻ وارو وقت،
سج لٿي، غروب آفتاب، شام، پوياڙي.

sunshade (سن شيڊ) n a parasol; an awning.سائبان، ڇٽي،
اس ڇتي، پڙدي، ڇپرو.

sunshine[1] (سن شائين) n bright sunlight; brightness; prosperity; geniality; an informal term of address, often used in a gently scolding or ironic tone..تڙڪو،
ڌوپ، چمڪ، اس، سج جي روشني، خوشحالي، خوش دلي، بي تڪلفي سان ڳالهائڻ (خاص طور طنز ۾ ڇڙٻ لاءِ پيار جولفظ).

sunshine[2] (سن شائين) adj sunshiny; fair-weather.
چمڪدار، روشن، سٺي موسم، صاف موسم، کليل ماحول، روشن
ماحول.

sunshiny (سن شائني) adj bright with sunshine; pleasant; bright like the sun; genial..چمڪدار، روشن، وڻندڙ،
سٺو، خوش گوار، همدرداڻو.

sunspot (سن اسپاٽ) n a relatively dark patch on the surface of the sun; a place with a very warm sunny climate.سج جي سطح تي ڏنڊلو داغ، تيز اس واري جڳهه، سج
جو نظر ايندڙ ٽڪو، سج جو اونداهو ڇتو.

sun spurge (سن اسپرج) n a spurge supposed to turn with the sun, a common weed.جهنگلي ٻوٽو جيڪو سج
جي رفتار سان ڦرندو آهي.

sunstone (سن اسٽون) n aventurine feldspar.سليڪا مرڪب
معدني مادو.

sunstroke (سن اسٽروڪ) n a medical condition of general collapse caused by prolonged exposure to intense sunlight, which can result in delirium, convulsions and coma.ڏينهن لڳڻ، جهولو، جهولي جي جهڙپ يا
سٽ، لو يا لڪ لڳڻ، سج گرمي جهڙپ، لڙي، سر سام، گرميءَ جو اثر، گرميءَ جي شدت.

sunsuit (سن سوٽ) n a child's outfit for playing in the sun, leaving most of the body exposed.اس ۾
کيڏڻ لاءِ ٻارن جا ڪپڙا، ٻار جو ڪڇي ۽ گنجيءَ وارو گڏيل لباس.

suntan (سن ٽن) n a browning of the skin as a result of exposure to the sun; a light-coloured military uniform for summer wear.اس ۾ ٻريل چمڙي، اونهاري لاءِ
هلڪي رنگ جا فوجي ڪپڙا، فوج جي اونهاري جي وردي يا پوشاڪ.

suntrap (سن ٽريپ) n a sheltered, sunny place.روشن
جاءِ، ڇت پيل مگر بغير ديوارن جاءِ، ٽنين يا ٽوڻين تي بيٺل.

sunward (سن ورڊ) adj, adv. towards the sun.سج جي رخ
تي، سج طرف، سج منهن، سج ڏانهن (منهن ڪندڙ).

sunwise (سن وائيز) adv in the direction of the sun's apparent revolution. سج جي رخ تي حرڪت ڪندڙ.

sunworship (سن ورشپ) n adoration or deification of the sun. سج جي پوڄا ڪرڻ، آتش پرستي، سج پرستي.

sunworshipper (سن ورشپر) adv an adherent of sun worship; a person who spends long periods of time sunbathing.سج جي پوڄا ڪرڻ وارو، اس ۾ گهڻو وقت
گذاريندڙ.

suo jure (سوو جيوري) adv. in one's own right.پنهنجي حق
لاءِ، پنهنجي حق مطابق.

suo loco (سوَ لوڪو) adv. in one's (or its) rightful place. پنهنجي صحيح حيثيت لاءِ، پنهنجي حقي جڳهه يا عهدي لاءِ.

Suomi (سو آمي) n Finland or the Finnish language; the Finns. فن لئينڊ ملڪ، فن لئينڊ جي ٻولي، فن قوم.

sup (سپ) vt, vi, n to take a liquid into the mouth, to

drink; to eat with a spoon; to provide supper for; to eat the evening meal; to sip; a small mouthful, as of liquid..ڍڪ پرڻ. رات جي ماني کائڻ يا کارائڻ. کائڻ پيئڻ. سرڪي، ڍڪ. چمچي سان کائڻ.

super (سوپر) **adj, n** superior quality; exceptionally good; delightful; something of superior quality or grade, such as a grade of petrol.نهايت عمدو، تمام سٺو، بهترين، خوش ڪندڙ، وڻندڙ، وڏي معيار جو، معياري، اوچو، بالا، اصيل، آتم، مٿيون.

super- (سوپر) **pfx** denoting (1) above or over; (2) beyond, exceeding, exceedingly, surpassing all others; (3) of greater size, strength, extent, power, quantity; (4) in addition, extra; (5) in greater proportion.لفظي اڳياڙي - اعلىٰ، وڏو، طاقتور، وڌيڪ مقدار، وڌيڪ حصو، بالا، پيش، اڌڪ، سرس، پر م، آتي، ات، مٿي، مها، زيادهہ، گهڻي يا وڏي مقدار ۾.

superable (سپر ايبل) **adj** capable of being overcome, outdone, surmountable.فتح ڪري سگهڻ جهڙو، قابو ۾ اچڻ جهڙو، جيتڻ جوڳو، حل پذير، غالب ٿيڻ جهڙو، مغلوب ٿيڻ جهڙو، حل ٿيڻ لائق.

superabound (سپر ابائونڊ) **vi** to be more, very, or excessively abundant.جالارو يا جهجهو هئڻ، وڌيڪ هئڻ، پهون هئڻ.

superadd (سپرايڊ) **vt** to add over and above.وڌيڪ يا زياده تعداد ۾ شامل ڪرڻ، وڌيڪ گڏڻ، زياده ڪرڻ.

superalloy (سپر الاءِ) **n** an alloy that has good stability at 600°C to 1000°C.ڌاتن جو سٺو، معياري مٺ جيڪو تمام گهڻو گرمي پد برداشت ڪري ۽ پنهنجي صورت نه مٽائي.

superaltar (سپر الٽرا) **n** a slab of stone used as a portable altar to be laid on the top of an unconsecrated altar; a structure over an altar.قرباني جو سپ کان مٿاهون مقام، گشتي قربان گاهہ، بلي چڙهڻ جي جاءِ، ديول يا چرچ جي قرباني.

superannuate (سپر اينيو ئيٽ) **vt, adj, n** to set aside or cause to retire on account of age; to pension off; superannuated; a superannuated person.پيريءَ سبب پينشن ڏيڻ، رٽائرمينٽ، وڏ پڻ ڪري روالو ڪرڻ، ٻڍاپي ڪري گهر وهارڻ، رٽائر ڪرڻ، رٽائر ٿيل.

superannuation (سپر اينيوئيشن) **n** the act or state of superannuating; a pension; a regular contribution paid by an employee towards a pension..کهنائي، پيري، ٻڍاپو، ڪراڙپ، وڏ پڻ، پينشن تي وڃڻ جي حالت، گهڻي عمر ڪري خارج ڪرڻ، رٽائر ڪرڻ، پينشن جي لاءِ جمع ڪرايل رقم.

superate (سوپريٽ) **vt,** to overcome, outdo, or surmount..مات ڪرڻ، زچ ڪرڻ، جيتڻ، غالب پوڻ، وس ۾ آڻڻ، حدپار ڪرڻ، قابوڪرڻ، فتح ڪرڻ، لنگهي پار پوڻ، سوپارو ٿيڻ.

ڪسر ڪڍڻ، گوءِ کڻڻ، مغلوب ڪرڻ.

superb (سپرب) **adj** proud, haughty; magnificent; gorgeous; triumphantly effective; supremely excellent..تمام اچو، مجازي، ايماني، هٺيلو، مغرور، فخر وندڙ، فاخر،مدمغ، سوپياوان، شانائتو، نهايت عمدو، مهاتيجوان، آتي سوين، شاندار، عاليشان، عظيم، تمام ڪامياب، تمام وڏو، رؤنق دار.

supercalender (سپر ڪئلينڊر) **vt, n** to give a high polish to paper or cloth by calendering; a machine for this.ڪپڙي ۽ ڪاغذ کي وڌيڪ چمڪدار بنائڻ، ڪپڙي ۽ ڪاغذ کي چمڪدار بنائيندڙ مشين..

supercargo (سپر ڪارگو) **n** a person in a ship placed in charge of the cargo and superintending all commercial transactions of the voyage.ڪرياڻي، مال بردار، جهاز جي مال ۽ ان سان لاڳو معاملن جو سنڀالدار عملدار.

supercharge[1] (سپر چارجر) **vt** to fill to excess; to charge above the normal; to add pressure to; to charge exorbitantly, overcharge; to place as an overcharge.تمام گهڻو ڀرڻ، ڏنڻ، عام طور کان وڌيڪ اجورو وٺڻ، مهانگو وڪرو ڪرڻ، ڀاڙو وٺڻ، مزدوري وٺڻ، زور وڌائڻ، مهانگو ڏيڻ، وڌيڪ زور ڏيڻ، وڌيڪ قيمت وصول ڪرڻ.

supercharge[2] (سپر چارج) **n** an excessive, exorbitant, or greater than normal charge; a charge borne upon an ordinary or other charge.مهانگو، وڌيڪ وصولي، عام نرخ کان وڌيڪ وٺڻ، عام طور کان لاڳو محصول مٿان لڳايل ٻيو يا واڌو محصول.

supercharger (سپر چارجر) **n** a device for increasing the pressure in an internal combustion engine.انجڻ ۾ داب وڌائڻ وارو اوزار، موٽر گاڏيءَ ۾ قوت وڌائڻ لاءِ لڳل اوزار.

supercherie (سپر چيري) **n** deception; hoax; fraud (Fr)..دولاب، فريب، ٺڳي، دغا، دوکو، ڪوڙو مزاق، چرچي بازي، ٺڳاءُ، چل، ڊوهہ، ٻوگ.

superciliary (سپر سلئري) **adj** of, on or near the eyebrow; marked above the eye; a superciliary ridge or mark; eye lashed. ڀرن مٿان، لرڙ وٽ، ڀرن جو نشان، (اکين جا) مٿيان وار، پنبڙيون، ڀرون.

supercilious (سپر سلئس) **adj** disdainfully superior in manner; overbearing; superciliary..مدمغ، هٺيلو، آڪڙباز، هٺي، مغرور، دماغي، اڪماچ، اغماش، آڪڙيو، زبردست، سيٺيل، ڦوڪيل.. آڪڙيل.

superclass (سپرڪلاس) **n** a taxonomic category that consists of a number of related classes between a class and a subphylum or phylum.سامهہ وارن برگروهہ بنديءَ جو هڪ ڏاڪو، گروهہ يا درجي بنديءَ ۾ ڪلاس ۽ فائلم جي وچ ۾ ايندڙ گروهہ يا درجو.

supercluster (سپر ڪلسٽر) **n** a large cluster of galaxies. ڪهڪشائن جو وڏو جهڳٽو، ڪهڪشائن جو ميڙ.

supercoil (سپر ڪوائل) n a complex coil formed by intertwining strands of protein or DNA ڊي اين اي يا حياتيات مان ٺهيل مرڪب ڇڳو.

supercollider (سپر ڪولائيڊر) n an extremely powerful particle accelerator. رفتار تيز ڪرڻ وارو اوزار.

supercolumnar (سپر ڪالمنر) adj above a column or colonnade; with one colonnade above another.نل جي مٿان نل. ستون بندي، ٿنڀن جي بيهڪ.

supercomputer (سپر ڪمپيوٽر) n a powerful computer which can perform a large number of mathematical calculations very quickly. تيز رفتار ڪمپيوٽر. تيز رفتار سان حسابي ڪم ڪرڻ وارو ڪمپيوٽر.

superconduct (سپر ڪنڊڪٽ) vi to conduct electricity without resistance.زياده بنيـر رڪاوٽ جي بجلي پيـدا ڪرڻ. موصل ڪاري.

super-conductivity (سپر ڪنڊڪٽيوٽي) n complete loss of electrical resistance shown by certain pure metals and alloys at temperatures approaching absolute zero and by certain ceramics at higher temperatures. زياده موصليت.مڪمل پسرائيت.

superconductor (سپر ڪنڊڪٽر) n a substance having superconductivity. مڪمل موصليت رکندڙ مادو. تمام سٺو پسرائيندڙ.

supercontinent (سپر ڪانٽيننٽ) adj of the vast landmasses from which the continents were originally formed.ڌرتيءَ بابت سـائنس دانن جو نظريو تہ اها موجوده حالت کـان اڳ مـڪـمل هڪ ۽ لاڳيتي هئي، زمين جو تمام وڏو عـلائقـو جيڪو پوءِ کنڊن جي صورت ۾ ورهائجي ويو.

supercool (سپر ڪول) vt, vt, adj to cool a liquid below normal freezing-point without freezing or crystallization occurring; to become supercooled; (of a person) extremely calm, unflappable, imperturbable; having admirable or excellent qualities to a supreme degree.تمام ٿـڌو ڪرڻ، برف ڪرڻ، پالپٽ ڪي. وڌيڪ ٿـڌو ڪرڻ، جمـائڻ کـان سـواءِ تمام ٿـڌو ٿي وڃڻ، برف ٿي وڃڻ، (ماڻهو) تمام ٿڌو، بردبار، صابر، شـاڪر، پريشان نہ ٿيندڙ. اڇل، اڏول، نشچل.

supercritical (سپر ڪرٽيڪل) adj capable of sustaining a chain reaction such that the rate of reaction increases; (of an aerofoil, aircraft's wing) moving slower than sound while the surrounding air moves faster than sound, hence permitting increased lift and speed.جوهر جي ڀڃڻ جو هڪ نهايت ئي اهم درجو. هوائي جهاز جي آواز جي رفتار کان گهٽ رفتار تي اڏامڻ واري حـالت جڏهن آس پاس جي هوا يا ٻاڦ جي رفـتـار کـان تيـز هُجي تہ جيئن جهاز کي مٿي ۽ تيز اڏامڻ ۾ آساني پيدا ٿئي.

superdense (سپر ڊينس) adj, n extremely dense.تمام گهاٽو.تمام ڳهرو، ڳوڙهو، ڀاري، وزني.

superdominant (سپر ڊامينينٽ) n (music) the submediant. (موسيقي) تمام گهٽي ڳوڙ، شور واري.

super-duper (سپر ڊيوپر) adj, n superlatively fine or great; marvellous..حيرت انگيز، اعليٰ ترين، اچنبي جو، اسرار. اچرج جهڙو، نہ وسرڻ جهڙو، تمام وڏو، اجگر.

superego (سپرايگو) n the strong unconscious inhibitory mechanism which criticizes the ego and causes it pain and distress when it accepts unworthy impulses from the idشعور، شـعور جي اعليٰ ترين سطح جيڪو انساني غلط عمل تي تنقيد ڪندو آهي، ضمير.

superelevation (سپر آيليويشن) n excess in height; the difference in height between the opposite sides of a road or railway on a curve.زياده، تمام گهڻو مٿانهون. بلندي، تمام گـهـڻي اوچائي. پـڪـي دڳ ۽ ريل جي پٽن جي موڙ واري هنڌ وٽ گـاڏين جي سـهولت لاءِ رسـتي يا پٽڙين جي پاسـيري بيهڪ جنهن ڪري رستي يا ريل جو هـڪڙو پاسو ٻئي پاسي کان هيٺ يا مٿي هوندو آهي.

supereminent (سپر ايمينينٽ) adj of a degree of eminence or excellence surpassing all others.تمام گهڻو مشهور، اعليٰ، ڪارڪردگيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ، بهترين، شاندار، عاليشان، واه جو، حيران ڪُن.

supererogation (سپر ايروگيشن) n doing more than is required. گهرج يا مقرر مقدار کان وڌيڪ(ڪم) ڪندڙ.

superette (سپريٽ) n a small local supermarket.ننڍو سپر مارڪيٽ، وڏو دڪان.

superfamily (سپر فيملي) n a taxonomic group of related families between a suborder or order and a family..وڏو خاندان، گروهہ بنديءَ ۾ خاندان کان مٿانهون ڏاڪو. ساهہ وارن ۾ گروه بنديءَ جو هڪ ڏاڪو.

superfatted (سپر فيٽيڊ) adj having an excess of fat, so that there is no free alkali..چربيءَ جي گـهڻائي، چربيدار. چربيءَ ڀريل.

superfecta (سپر فيڪٽا) n a type of bet (eg on a horse-race) in which the better must select the first four finishers in the correct order.گـهوڙن جي ڊوڙ ۾ شـرط جو هڪ قسم.

superfecundation (سپر فيڪنڊيشن) n fertilization of two or more eggs produced at the same time by successive depositions of sperm, often from different males; fertilization of a large number of eggs.زياده حمل، ٻہ يا ٻن کـان وڌيڪ ڦرن لاءِ ڍڪو ٿـيڻ. مـاديءَ جو هڪـٻئي کانپوءِ مختلف نرن سان لڳ ڪرڻ جنهنجي نتيجي ۾ ٻن يا ٻن کان وڌيڪ دفعا ماديءَ جو ڦرجڻ يا ڍڪو ٿيڻ، پيٽ سـان ٿيڻ. هڪ ئي وقت گهڻن بيضن يا آنن جو ڦِيجڻ.

superfetation (سپر فيٽيشن) **n** fertilization of a second ovum some time after the start of a pregnancy, resulting in two foetuses of different age in the same uterus, normal in some animals and believed by some to have occurred in women; superabundant production or accumulation.هڪ ڳپ کان پوءِ ٻئي بيضي جو ڳپجڻ. جن ۾ هڪ ئي پيٽ سان هڪ ئي وقت يا مختلف وقتن ۾ جاڙا ٻار پيدا ٿين. حمل تي حمل. تمام گهڻي پيداوار. سگهار. گهڻائي.

superficial (سپر في شل) **adj, n** of, on or near the surface; not thorough or careful; not deep or profound; lacking sincerity or richness of personality, esp being concerned only with outward appearances; that which is, or those who are, superficial; surface characteristics..سطح جو. مجازي. مٿيرو. مٿاڇرو. اڇاترو. آڇاترو. ٻاهريون. ٻيـــــروني. ٻاهران. اُترڊو. ڪچو. ملڪو.ٿورو. خام. معمولي. ٻاهريون ٻنو. اڏوڪابرو. اهري ڏيکاءُ ڪرڻ وارو. دغاباز.

superficies (سپر فشيز) **n** a surface, that which has length and breadth but no thickness; a bounding or outer surface; a surface layer; a surface area; external features, appearance..مٿ. تهه. ٻاهريون پاسو. سطح. مٿاڇرو. وسعت. پکيڙ. ظاهري صورت. ٻاهرين صورت. وضع.ڏيکاءُ. ٻيهڪ.

superfine (سپر فائن) **adj** of specially fine size or quality; overly fastidious or proper..اعليٰ تر. نهايت عمدو. نهايت ئي اعليٰ درجي جو. ملوڪ. بهتر. مناسب. واجبي.

superfluid (سپر فليوئڊ) **adj** relating to, or demonstrating, superfluidity.سيلابي. اچي درجي جي سيلاب جي. باري ۾. اچي درجي جو سيلاب. پاڻيٺ جو وڌيل وهڪرو. گئسن جي (ماحول ۾) وڌيڪ موجودگيءَ جي باري ۾.

superfluidity (سپر فليوئڊٽي) **n** a phenomenon observed in a form of helium, obtained below 2·19K, in which internal friction is negligible.ماحول ۾ هيليم گئس جي موجودگيءَ جي هڪ اهڙي حالت جنهن ۾ رگڙ جو احساس نہ جي برابر هوندو آهي.

superfluity (سپر فليوٽي) **n** the state of being superfluous; a thing that is superfluous; superabundance..واڌ. سرسائي. فاضل. وڌيڪائي. افراط.جهجهائي. فضولي. زيادتي. اڏوڪابرو. احتياج يا ضرورت کان مٿي يا وڌيڪ هئڻ. تمام گهڻي انداز ۾ موجودگي. ظاهري. سطحي.

superfluous (سپر فلوئس) **adj** above what is enough; redundant; unnecessary..سرس. فاضل. زياده. وڌيڪ. فالتو. اجايو. اڻ ميو. زائد. واڌي. فضول. اڻ ضروري. غير ضروري. اضافي. بيڪار.

superfrontal (سپر فرنٽل) **n** a covering hanging over the upper edge of an altar frontal.ديول ۾ قربانيءَ واري جڳهه جي مٿان رکيل يا لٽڪيل پردو.

superfuse (سپر فيوز) **vt** to pour over something else; to supercool..سطح جي مٿان وجهڻ. وڌيڪ ناڻڻ. وڌيڪ ٿڌو ڄمائڻ. يخ ڪرڻ.

super G (سپر جي) **n** a competitive event similar to giant slalom but skied over a longer distance with greater intervals between gates.اسڪيئنگ يا برف تي ڊوڙڻ واري مقابلي جي هڪ راند جنهن ۾ وڌيڪ مفاصلي تي وڇڙو پوندو آهي.

supergene (سپرجين) **n** a cluster of genes along chromosome that may act as a unit in meiosis but may have unrelated functions.مختلف جزن جو جهڳٽو جيڪو هڪ ئي اثرڪري مگر سندن اثر يا عمل مختلف هجي ٿو. مختلف اثر يا عمل رکندڙ حياتياتي جزن جو ميڙ. مخلف عمل وارن حياتياتي جزن جو ڇڳو.

supergiant (سپر جائينٽ) **n** a very bright star of enormous size and low density, such as Betelgeuse and Antares. هڪ چمڪندڙ وڏو تارو. گره. وڏو ستارو.

superglacial, (سپر گليشيل) **adj** occurring or originating on the surface of a glacier.گليشئر يا برفاني ڇپ جي مٿاڇري مان نڪتل يا ٿيندڙ.

superglue (سپر گلو) **n, vt** a very strong and quick-acting impact adhesive; to stick with superglue.گهڻي اثر واري ڪئونر جو قسم. تمام تيز قسم جو ڪئونر. تيز ڪئونر سان چنبڙائڻ.

supergrass (سپر گراس) **n** a police informer who has given information leading to the arrest of a great number of criminals.اهڙو پوليس مخبر جيڪو تمام گهڻا ڏوهاري پڪڙائي.

supergravity (سپر گريوٽي) **n** a supersymmetrical theory of gravitation. ڪشش ثقل جو هڪ نظريو.

supergroup (سپر گروپ) **n** a pop group made up of established solo artists; an internationally successful pop group.ڳائڻ وارن جو مشهور گروهه. سڄي دنيا ۾ ويندڙ ڳائڻن جو ٽولو.

superheat (سپر هيٽ) **vt, n** to heat to excess; to heat above the temperature of saturation; to heat a liquid above normal boiling-point without vaporization; the state of being superheated; the amount of superheating.حد کان وڌيڪ گرم ڪرڻ' وڌ ۾ وڌ گرمي پد. وڌيڪ حرارت. تهڪڻ. شديد گرم ڪرڻ. تهڪڻ واري گرمي پد کان اهڙي طريقي سان وڌيڪ گرم ڪرڻ جيئن ٻاڦ نہ نڪري.

superheavy (سپر هيوي) **adj** having an atomic number or weight heavier than the heaviest known; a superheavy element.گهڻو وزني عنصر. ڄاتل جوهري نمبرن يا وزن کان وڌيڪ وزني جوهري عنصر.

superhero (سپر هيرو) **n** any of various comic-book heroes with supernormal or superhuman powers. مافوق انساني صلاحيت وارو هيرو، عام انسان کان وڌيڪ قوت رکندڙ. ٻارن جي ڪهاڻين جا غير معمولي ڪردار.

superheterodyne (سپر هيٽرو ڊائن) **adj, n** of a type of radio or TV reception in which the incoming signal is mixed with a locally generated signal giving output of a signal of carrier frequency, but containing all the original modulation, which is then amplified and demodulated; a superheterodyne receiver. امڙو ريڊيو ٽيليويزن جيڪو ٻاهرين يا ڏورانهن ڪمزور لهرن کي مڪاني لهرن سان ملائي طاقتور بنائي، ٻيهر اعليٰ آواز يا تصوير ۾ پيش ڪرڻ جي سگهه رکندو هجي. تمام طاقتور ريڊيو ۽ ان جو نظام.

superhighway (سپر هاءِ وي) **n** a wide road for fast motor-traffic; a motorway; expressway. تيز وڏي شاهراهه. رفتار تي هلڻ لاءِ وڏو ويڪرو رستو. ڪشادي ڀاري گاڏين جي گذرگاهه. موٽر وي. پڪي وڏي سڙڪ. شاهي سڙڪ.

superhive (سپر هائيو) **n** a detachable upper compartment of a beehive. ماکيءَ جو وڏو مانارو. ماکين جي مکين جي ڇت جو مٿانئون الڳ ٿيڻ وارو حصو.

superhuman (سپر هيومن) **adj** above man; greater than, or exceeding, the power, strength, capability, of man; more or higher than human. غيبي، آسماني. انساني طاقت کان مٿي، روحاني، فرشتن جهڙو، آتي مانش، آپورش، هر ڳالهه ۾ انساني طاقت يا قوت کان مٿاهون.

superhumeral (سپرهيومرل) **n** any ecclesiastical vestment worn on the shoulders. ڪلهن تي پائڻ لاءِ هڪ مذهبي لباس، رومال يا چادر. جبو. عبا. قبا.

superimpose (سُپرامپوز) **vt** to set on the top of something else; to place one over another; to establish in superaddition. تهه. هڪبئي مٿان وجهڻ. تهه تي تهه ڏاهڻ. مٿان تهه وجهڻ.

superincumbent (سُپرانڪيومينٽ) **adj** resting on the top; overlying; overhanging; exerted from above. ٻيءَ شيءِ تي رکيل يا پيل. مٿان وڌل. مٿان پيل بار.

superinduce (سُپرانڊيوس) **vt** to bring in over and above, or in supersession of, something else; to superadd. مٿان آڻي وجهڻ هڪ ٻئي پٺيان ڳنڍڻ. وڌيڪ ڳنڍڻ.

superinfection (سُپرانفيڪشن) **n** an infection arising during and in addition to another infection and caused by a different (or a different variety of the same) microorganism. هڪ مرض هوندي ٻيو مرض لڳڻ. جيڪو يا اصلي بيماريءَ جي ڪري پيدا ٿئي يا ڪنهن ٻيءَ بيماريءَ جي جيوڙن جي ڪري ٿئي.

superintend (سُپرنٽينڊ) **vt & n** to supervise; to exercise supervision over; to control or manage. نظرداري ڪرڻ. نگهباني ڪرڻ. دارو مدار تي بيهڻ. نگراني ڪرڻ انتظام ڪرڻ.

superintendency (سُپرنٽينڊنسي) **n** the office or district of a superintendent; the act or process of superintending. مٿ نظر. نظرداري. مٿان نظر سربراهي. هدايت. انتظام. اپ درشٽي. نگراني. نگهباني.

superintendent (سُپرنٽينڊنٽ) **adj & n** superintending; a person who superintends; an overseer; the head of a Sunday school; a clergyman having the oversight of the clergy; a police officer above a chief inspector; the head of a police department; the administrator of a local school system; the caretaker of a building. سپرنٽينڊنٽ. ناظر. دارغو. لاڳڙي سربراهه ڪار. نگهبان. نگران. منتظم. پوليس کاتي جو عملدار. ايس پي. اسڪول جو نگهبان. ڪنهن عمارت جو منتظم يا سنڀاليندڙ.

superior (سُپي رئر) **adj & n** upper; higher in nature, place, rank or excellence; better; surpassing others; beyond the influence, rising above; supercilious or uppish; very worthy and highly respectable; of wider application, generic; set above the level of the line; (of an ovary) inserted on the receptacle above the other parts; (of other parts) seeming to arise above the ovary; a person or thing superior to others; the head of a religious house, order. بالادست. وڏو. مٿي. اچو. بهتر. بزرگ تر. اعليٰ. سرس. عمدو. مٿيون بالا. اتم. بي مثل. بلند. اُتر. بيش. برتر. سجيه. فائق. آڳرو. آڏڪ. (وير ولڻ). کان مٿي. بعيد. سريشٽ. آڪڙ. غلبو. گهٽائي وڌيڪ ٻڙهيل. شاهوڪار. بالادست. مهنت. مهندار. سردار. اڳواڻ. سرور.

superior court (سپيرئرڪورٽ) **n** a court intermediate between an inferior court (eg a magistrate's or district court) and a high court. ۽ ننڍي عدالت. مٿئين عدالت. اعليٰ عدالت جي وچ واري عدالت. درمياني عدالت.

superiority (سُپي رِئارٽي) **n** quality or state of being superior; pre-eminence; advantage. بالادستي. اچاڻ. عمدائي. وڏائي. فضيلت. بزرگي. برتري. پرڪاش. سبقت. فوق. اوچ. اتم. آتمتا. شرف. سرسي.

superiority complex (سُپي رئارٽي ڪامپليڪس) overvaluation of one's worth, often affected to cover a sense of inferiority. احساس برتري. وڏمائهپائيءَ جو احساس. اڦماس. هٺ. مغروري. غرور.

superjacent (سُپر جيسنٽ) **adj** lying above. مٿئين طرف. مٿان رکيل يا پيل.

superjet (سُپر جيٽ) **n** a supersonic jet aircraft. آواز کان تيز رفتار تي هلندڙ هوائي جهاز.

superlative (سُپر ليٽو) **adj , n.** raised above others or

to the highest degree; superior to all others; most eminent; expressing the highest degree; an adjective or adverb in the superlative degree; any word or phrase of exaggeration.افضل، مبالغو، اتم، اعليٰ سريشٽ، پرم، اُت آتم، تفصيل، اعليٰ ترين، بهترين، اتينت.

superloo (سُپرلو) **n** a type of public lavatory offering a greater number of facilities and a high level of luxury, or one which is fully automated, self-cleaning.اعليٰ درجي جو عوامي پنهنجو پاڻ صاف ٿيندڙ ڪاڪوس، يا پاخانو.

superluminal (سُپرليومينل) **adj** faster than the speed of light; travelling, or able to travel, at such speed.روشنيءَ جي رفتار کان وڌيڪ تيز، روشنيءَ جي رفتار کان به وڌيڪ رفتار تي اڏامڻ جهڙو.

superlunar or **superlunary** (سُپر ليولر آر سُپرليولري) **adj** above the moon; not of this world, celestial.سطحي، قمري، ٻي دنيا جو، چنڊ کان پري، مٿاهون، آسماني.

superman (سيوپرمين) **n** ideal man; a man with exceptional strength or ability; a fictional character with superhuman powers.خيالي ماڻهو، تصوراتي انسان، آدرشي ماڻهو، ترليب، آليپ.

supermarket (سُپرمارڪيٽ) **n** a large, mainly self-service, retail store selling food and other household goods.سپر مارڪيٽ، تمام وڏي مارڪيٽ، وڏو دڪان، جنهن ۾ گهرو يا روز مره جي استعمال جي هر قسم جي شيءِ موجود هجي.

supermassive (سُپر مَيسو) **adj** (of stars) having an extremely high mass, extremely heavy.تمام وڏي حجم وارو تارو، ڳرو يا سيارو.

supermini (سُپرمني) **n** a small car with a good standard of performance and comfort.سٺي ڪارڪردگي واري ننڍي موٽر ڪار.

supermundane (سپرمنڊين) **adj,** above worldly things.دنياوي شين کان مٿي، خدائي، غيبي، غير مرئي، غير جسماني، روحاني.

supernaculum (سُپر نيڪيولر) **adv, n.** to the last drop; liquor of the best kind; anything excellent of its kind; a drinking of alcohol in a single draught; a full glass, a bumper.آخري ڦڙي تائين، بهترين، ڪابه سٺي شيءِ، ڳهترين، شراب، هڪ ڍڪ ۾ شراب جو گلاس پيئڻ، ڳهٽائي، جهجهائي.

supernal (سُپر نل) **adj** on high; celestial; of a higher world; exalted; topmost.آسماني، آڪاسي، فلڪي، مٿي، ٻي دنيا جو، اعليٰ ترين، سڀ کان مٿي، اُت سفر، بهشتي، سورڳي.

supernatant (سُپرنيٽنٽ) **adj** floating or swimming above; (of a liquid) overlying a sediment.سطحي ترندڙ، پاڻياٺي مادي تي ترندڙ، مٿاڇري تي ترندڙ، شفاف رس يا پاڻيٺ.

supernatural (سُپرنيچرل) **adj, n** above or beyond nature; not according to the laws of nature; miraculous; magical; spiritual; occult; that which is supernatural; a supernatural being.اتم فطري، مافوق الفطرت، عجيب، اعجازي، ڪرامتي، فطرت کان مٿي، قانوني، فطرت کان الڳ، معجزاتي، جادوئي، آلوڪڪ، آتي سياويڪ، معجزي جو، روحاني مخلوق، فرشتو، جن، شيطان.

supernaturalism (سُپر نيچرلزم) **n** supernatural character or agency; the belief in the influence of the supernatural in the world.مافوق الفطرت روحاني ڪردار يا نظام، اوچي فطرت پسندي، آلو ڪڪتو واد، روحاني مخلوقن جو دنياوي شين تي اثر.

supernaturalist (سُپر نيچرلسٽ) **n, adj** a believer in the supernatural; of or pertaining to the supernatural..مافوق الفطرت ۾ يقين رکندڙ، آتي سياويڪ، خدائي، عجيب، روحاني مخلوقن بابت.

supernormal (سُپر نارمل) **adj** beyond what is normal; in greater number, amount, concentration, than the normal.غير معمولي، تمام گهڻو تعداد، غيررواجي، عام طور کان وڌيڪ تعداد، رقم يا موجودگي.

supernova (سُپرنووا) **n** a very brilliant nova resulting from an explosion which blows the star's material into space, leaving an expanding cloud of gas.تاري جي مدار ۾ تيز روشنيءَ جو چمڪڻ، روشنيءَ جو طوفان.

supernumerary (سُپرنيوَمرري) **adj & n.** over and above the stated, usual, normal or necessary number; a supernumerary person or thing; an actor without speaking parts..فاضل، وڌيڪ، فالتو، اضافي، بيڪار، اجايو، بالائي، ضروري تعداد کان زياده، بنا ڳالهاءِ وارو اداڪار، مهمان اداڪار.

superoctave (سُپر آڪٽيو) **n** an organ complex giving an octave higher; an organ stop two octaves above the principal.موسيقيءَ جو هڪ ساز جيڪو هڪ خاص قسم جو آواز ڪڍي، موسيقيءَ جو هڪ انداز يا نمونو.

superorder (سُپر آرڊر) **n** a taxonomic category of related orders between an order and a subclass or sometimes class.ساهه وارن ۾ گروهه يا درجي بنديءَ جو هڪ مٿاهون ڏاڪو يا درجو، گروهه بندي درجو، ساهه واري مخلوق (حيوان و نباتات وغيره) ۾ گروهه يا درجي بنديءَ جو هڪ مٿاهون درجو.

superordinate (سُپر آرڊينيٽ) **adj, n & vt** superior in rank or condition; in the relation of superordination; to make superordinate.مٿاهين عهدي تي، مٿاهين درجي تي، مٿان مقرر ڪرڻ، مٿان ڪري وهارڻ.

superorganic (سُپر آرگينڪ) **adj** above or beyond the organic, psychical, pertaining to a higher organization, social.. جسماني ۽ مادي سطح کان مٿاهون، زياده ناماياتي، (اخلاقي ۽ سماجي ورچ ۾) مٿاهون يا بلند.

superorganism (سُپرآرگينيزم) **n** a highly organized social community perceptible as a simple organism (eg a colony of bees). تمام منظم قوم يا خاندان (مثلن ماکيءَ جي مکين جو نظم وضبط).

superovulation (سُپر اوويوليشن) **n** the production of a large number of ova than usual, eg under stimulus of injected hormones.. مادي بيضن جو گهڻي تعداد ۾ پيدا ٿيڻ، فاضل بيضي بندي، گهڻ بيضائي.

superoxide (سُپرآڪسائيڊ) **n** any of various oxides having two oxygen atoms. ڪهڙا به مختلف آڪسائيڊ جنهن ۾ آڪسيجن جا ٻه پرمانا هجن.

superphosphate (سُپرفاسفيٽ) **n** an acid phosphate; a mixture of calcium sulphate and calcium acid phosphate chiefly used as a fertilizer. هٿرادو ڀاڻ، تمام گهڻي قوت رکندڙ هٿرادو طور تيار ڪيل ڪيميائي ڀاڻ، هڪ تيزابي فاسفيٽ، ڪيلشيم سلفيٽ ۽ ڪيلشيم ايسڊ فاسفيٽ جي ملاوٽ سان تيار ڪيل ڀاڻ.

superphylum (سُپر فائلم) **n** a taxonomic category of related phyla between a phylum and a kingdom. ساهه وارن (حيوانات و نباتات) جي درجي يا گروهه بنديءَ جو هڪ ڏاڪو جيڪو قبيلي ۽ حڪمرانيءَ جي وچ ۾ اچي ٿو، درجي بنديءَ ۾ وچون درجو.

superphysical (سُپر فزيڪل) **adj** beyond or above the physical world, its laws or phenomena. ظاهري دنيا کان مٿاهون، دنيا جي قانون ۽ نظام کان مٿاهون، سطحي طبعي، گهڻ طبعي، عام دنياوي حالتن کان ٻاهر.

superplastic (سُپر پلاسٽڪ) **n** (a metal or alloy) that is extremely pliable, or capable of being moulded without fracturing, at high temperatures.. انتهائي نرم پلاسٽڪ مادو، تمام سنو يا عمدو مادو جيڪو جهجهي گرمي پد تي به ٽڙڪي يا ڀڃي نه سگهي.

superlus (سُپرلس) **n** surplus.. وڌيڪ تعداد ۾، فالتو، واڌو، اجايو، بيڪار، گهرج کان وڌيڪ، بچتو.

superpose (سُپرپوز) **vt** to bring or suppose to be brought, into coincidence; to place vertically over or on something else. اتفاقي طور گڏجڻ يا گڏائي رکڻ، هڪ موجود شيءِ جي مٿان اُڀو ڪري رکڻ.

superposition (سپرپوزيشن) **n** act of superposing; state of being superposed; that which is above anything. تبطيق، مٿان رکڻ جو عمل.

superpower (سُپرپاور) **n** a very powerful state, often applied to the USA and the former USSR. تمام طاقتور رياست (آمريڪا ۽ روس جي لاءِ استعمال ٿيڻ وارو اصطلاح)، وڏي طاقت.

superrealism (سُپر ريئلزم) **n** (in art) a style that transcends realism; surrealism; also applied to photorealism. فن جي هڪ صنف يا نظريو جيڪو حقيقت کان وانجهيل هجي، موورائي حقيقت، مافوق الفطرت ڪهاڻيون، لڪشيون، فن پارا، تصويرون وغيره، فن جو هڪ اهڙو نمونو جيڪو حقيقت کان پري هُجي، تصوير ۾ حقيقت واري ٻيهڪ ڏيڻ.

super-royal (سپررائل) **adj** (of paper size) larger than royal. وڏي ماپ جو ڪاغذ.

supersaturate (سُپر سيچوريٽ) **vt** to saturate beyond the normal point; to increase the concentration of beyond. سطح پسائڻ، رچڻ، تمام گهڻو رچيل، (کان) وڌيڪ ڳارڻ.

supersaver (سُپر سيور) **n** anything offered at a specially reduced price, esp a bus, rail or airplane fare. تمام گهٽ قيمت تي ڏيڻ (خاص طور تي بس، ريل يا جهاز جو ڪرايو)، گهٽ ڀاڙي واري سواري.

superscribe (سُپرسڪرائيب) **vt** to write or engrave above, on the top or on the outside of something; to address (eg a letter); to sign at the top.. سرنامو لکڻ، مٿان لکڻ، مٿان لکيل اکر، مٿان صحيح يا دستخط ڪرڻ، چوٽيءَ تي دستخط ڪرڻ، صحيح وجهڻ.

superscript (سُپراسڪرپٽ) **n** written above; superior; the superscription, address; a superior character. عنوان لکڻ، پتو لکڻ، اعليٰ ڪردار، مٿاون، سرنامو لکڻ.

superscription (سُپر سڪرپشن) **n** the act of superscribing; that which is superscribed. سرنامو، مٿان لکيل اکر، بالائي لکت، عنواني يا مٿاهين لکڻي.

supersede (سُپرسيڊ) **vt & vi** to set aside, discard; to set aside in favour of another; supplant; to come or put in the room of, to replace; to desist or refrain from; to override; to refrain, desist. هڪڙي جو حق ريتي ٻئي کي مٿي چاڙهڻ، مٿي چڙهي وڃڻ، ريٽڻ، رد ڪرڻ، مٿان ٿيڻ، ڪنهن جي جڳهه وٺڻ، (جي) بدران رکڻ، منسوخ ڪرڻ.

supersedeas (سپر سيڊياس) **n** a writ to stay proceedings, or to suspend the powers of an officer. عدالتي ڪاروائي روڪڻ لاءِ درخواست، آفيسر جا اختيار معطل ڪرڻ جي لاءِ درخواست.

supersedere (سُپر سيڊيري) **n** a private agreement among creditors, under a trust-deed, to supersede or sist diligence for a certain period; an order of court granting protection to a debtor. قرضدارن جو پاڻ ۾ معاهدو، عدالت جو اهڙو حڪم جنهن ۾ قرضدارن کي تحفظ ڏنل ويو هجي.

supersensible (سُپر سينسبل) **adj** above the range, beyond their reach, or outside the realm of the sens-

حد کان ٻاهر، پهچ کان پري، قانون کان پري، انساني حِسن يا.es حواسن کان ٻاهر.

super-serviceable (سُپرسروسبل) **adj** officious..وچ ٽپڻو، ڪلڪو، اڳوترو، آڳرو، قانون پسند.

supersonic (سُپر سانڪ) **adj & n** above the audible limit; too high-pitched for human hearing (ultrasonic); faster than the speed of sound; travelling, or capable of travelling, at such a speed; a supersonic wave; the study of such waves.آواز جي رفتار کان تيز، تيز رفتار لهرن جو اڀياس، وڏي آوازدار، آواز جي رفتار کان به تيز رفتار تي اڏامندڙ.

supersonic boom (سُپر سانڪ بوم) **n** a shock wave produced by an object moving supersonically.جهاز يا هوا ۾ ڪنهن به شيءِ جو آواز جي حد کي ٽوڙڻ سبب هوا جو زوردار ڌماڪو يا ٺڪاءُ.

supersound (سپرساؤنڊ) **n** sound vibrations too rapid to be audible. تمام تيز ۽ نه سمجهه ۾ ايندڙ آواز، آواز جون لهرون جيڪي ٻڌي نه سگهبيون آهن جيئن الٽرا ساؤنڊ مشين ۾ ڪم ايندڙ آواز جون لهرون.

superstar (سپر اسٽار) **n** an extremely popular and successful star of the cinema, popular music etc.تمام گهڻو مشهور اداڪار، هيرو، بهترين اداڪار، ڪامياب اداڪار يا ڳائڻو.

superstate (سپراسٽيٽ) **n** a state or organization having governing power over subordinate states.وڏي رياست، وڏو يا طاقت ور ملڪ، شاهوڪار ملڪ.

superstition (سُپرسٽيشن) **n** false worship or religion; an ignorant and irrational belief in supernatural agency, omens, divination, sorcery; a deep-rooted but unfounded general belief; a rite or practice proceeding from superstitious belief or fear..بدعت، ڀرم، وهم، سنسو، ڪوڙو مت، هٺيا، آستاشري ڌرم، آنڌ، آئي وشواس، وسواس، ديو پوڄا، باطل پرستي، ايمان باطل، جادوءِ يا روحاني مخلوقن جي اثر يا قوت جو عقيدو.

superstore (سُپر اسٽور) **n** a large supermarket, which usually sells many different goods in addition to food.تمام وڏو شاهي دڪان، سپر اسٽور، هر قسم جون شيون وڪڻندڙ وڏو دڪان.

superstructure (سپر اسٽرڪچر) **n** the part of a building above the foundations, or of a ship above the main deck; any thing or concept based or founded on another.مٿين اڏاوت، مٿين بناوت، عمارت جي بڻيادن يا زمين کان مٿاهين اڏاوت، جهاز جو بلڪل مٿاهون حصو، ڪا به شيءِ يا نظريو جنهن جو بنياد ڪنهن ٻيءَ شيءِ يا نظرئي تي رکيل هُجي.

supersubtle (سُپرسبٽل) **adj** overly subtle; extremely subtle.انتهائي نازڪ، تمام نازڪ، ڪمزور، سنهو، پتلو، آتي سوکيم، لطيف، باريڪ، مهين، تيز فهم، باريڪ بين، فطرتي، حرفتي.

supersymmetry (سپر سميٽري) **n** a theory that attempts to link all four fundamental forces, and postulates that each force emerged separately during the expansion of the very early universe.ڪائنات جي چئن بنيادي طاقتن جو پاڻ ۾ تعلق جو نظريو.

supertanker (سُپرٽينڪر) **n** a large tanker, esp one used for transporting crude oil.وڏو ٽينڪر، وڏو بحري جهاز (خاص ڪري تيل ڪڻندڙ)

supertax (سپرٽيڪس) **n** an extra or additional tax on large incomes..اضافي محصول، اضافي ڍل، وڌيڪ محصول، وڌيڪ آمدنيءَ وارن کان وصول ٿيندڙ محصول.

superterranean (سپر ٽرينن) **adj** living or situated on the earth's surface.سطح زمين تي موجودگي، زمين جي مٿاڇري تي رهندڙ.

superterrestrial (سپر ٽيريسٽرل) **adj** above the earth; above worldly things.ڪره ارض کان مٿي، دنياوي شين يا حالتن کان مٿي يا ٻاهريون.

supertitle (سُپر ٽائيٽل) **n.** a surtitle. مٿاهون حق، مالڪي حق.

supertonic (سُپرٽانڪ) **n** (music) the second degree of the diatonic scale, eg D in the scale of C.موسيقيءَ جي آواز جو هڪ سر، موسيقيءَ جي هڪ وڄت.

supervene (سُپروين) **vi** to come in addition, or closely after. ٿي پوڻ، اچي وڃڻ، واضح ٿيڻ، اوچتو ٿيڻ، مٿان اچي پوڻ.

supervise (سپروائيز) **vt, vi & n** to oversee, manage or direct the operation of; to watch over, control; to read over; reading over.سنڀال ڪرڻ نگاهه يا نظرداري ڪرڻ، نگراني ڪرڻ، انتظام ڪرڻ، داروغو ٿي ويهڻ، حفاظت ڪرڻ، خيال رکڻ، چوڪسي ڪرڻ، وري پڙهڻ، دهرائڻ.

supervision (سپرويزن) **n** act of supervising; inspection; control..نظرداري، سنڀال، چوڪسي، نگراني، انتظام، حفاظت

supervisor (سپروائيزر) **adj** a person who supervises; an overseer; an inspector; an elected local government official; a spectator..نگران، ناظر، نگهبان، مهتمم، چوڪس، مٿ نظر ڪندڙ، نظرداري يا نگهباني ڪندڙ، تماشبين.

supervolute (سپرووليوٽ) **adj. n.** convolute. ابتو مڙيل، ڏنگو.

superwoman (سُپر وومين) **n** an exceptionally strong, talented or energetic woman, esp one who successfully combines a career with bringing up children and household duties; a fictional woman with superhuman powers.غير معمولي طور طاقتور عورت، غير مرئي يا روحاني قوت رکندڙ عورت، هڪ ئي وقت گهر سنڀاليندڙ ۽ نوڪري ڪندڙ عورت، خيالي يا افسانوي بهترين يا ديومالائي عورت، جنت جي حور، پري.

supinate (سوپينيٽ) **vt** to place the hand palm upward or forward.دعا جي لاءِ هٿ مٿي ڪرڻ، هٿ اڳتي وڌائڻ، هٿ جي تري جهلي بيهڻ، عرض دار وانگر هٿ ڏيکارڻ.

supination (سوپينيشن) **n** the placing or holding of the palm of the hand upward or forward..هٿ وڌائڻ، ڪهڙڻ، دعا جي لاءِ هٿ مٿي ڪرڻ، هٿ تري مٿي ڪري جهلڻ.

supinator (سوپينيٽر) **n** a muscle that extends from the elbow to the shaft of the radius that supinates the forearm and hand.ڪرائي مٿي ڪشندڙ پٺو، تري مٿي رکندڙ مشڪ، ٺونٺ ۽ هٿ جي وچ وارو گوشت.

supine (سوپائين) **adj & n** lying on the back; leaning backward, inclined, sloping; negligently inert; indolent; passive..سنئون، سنئون ليٽيل، پٺي وريل، چت، پٺ ڀر پيل، ڪاهل، سست، بي خبر، ناقابل، اڳتي جهڪيل، لهوارو، چاڙهي.

suppawan or **supawan** (سپاوان) **n** a kind of porridge made with maize flour boiled in water.مڪئيءَ جي اٽي مان ٺهيل ڏارو، مڪئي جي ڏاري جو پت، پيچي، ڏارو.

suppedaneum (سپيڊينير) **n** a support under the foot of a crucified person.صليب يا ڦاهيءَ تي لٽڪيل ماڻهو جي پيرن جي هيٺان واري پٽي يا رڪاوٽ.

supper (سَپر) **n & vt** a light meal eaten in the evening; a late-night snack taken in addition to and later than the main evening meal; to provide with supper.رات جي ماني، آخري ماني، مانيءَ جو آخري دور، ماني کارائڻ، رات جي دعوت ڪرڻ.

supper cloth (سپرڪلاٿ) **n** a tablecloth, larger than a teacloth, on which supper is served.چادر، وڏو ميز پوش، جنهن تي کاڌو کاڌو ويندو آهي، دستر خوان.

supplant (سپلانٽ) **vt** to oust; to supersede; to dispossess and take the place of; to overthrow, to lay low; to uproot..اکيڙڻ، آٿيڙڻ، دغا سان ٻئي کي ڪڍي پاڻ وهڻ، ٻر طرف ڪرڻ، جڙئون ڪڍڻ، پاڙئون پٽڻ، تختـــو اونڌو ڪرڻ، هيناهين ولڻ.

supple (سپل) **adj** pliant; lithe; yielding; fawning; to make supple; to make soft or compliant; to become supple..ڪومل، مڙڻو، ڦلهڙو، خوشامدڙيو، چيوڪندڙ، چٽيوان، مطيع يا تابع ، ملاير، نرم، مڙندڙ، ڪونئرو، چاپلوس، (چمڙو) مارڻ، چٽي ڀر آڻڻ، نرم ٿي وڃڻ، خوش لقار ڪرڻ.

supplejack (سپل جيڪ) **n** any of various tropical shrubs with pliant or twining stems; a pliant cane.گرم علائقي جا ٻوٽا جن جون شاخون نرم هجن، نرم لٺ جي ڪاٺي، مڙندڙ لڪڻ يا چڙي، بيد شاخ.

supplement (سپليمينٽ) **adj, vt, n** that which supplies a deficiency or fills a need; that which completes or brings closer to completion; an extra part added to a publication, giving further information or listing corrections to earlier mistakes; a special part of a periodical publication accompanying an ordinary part; the quantity by which an angle or an arc falls short of 180° or a semicircle..ضميمو، تتمو، وڌائڻ، واڌارو، اضافو، ضميمو وجهڻ، ڪچ ڪڍي پورو ڪرڻ، جوڙڻ، شامل ڪرڻ، مڪمل ڪندڙ، ڪمزوري دور ڪندڙ، پراءِ جو ڪم ڏيندڙ، مڪمل ڪرڻ ۾ مددگار، ڪتاب يا مخزن جو وڌو حصو يا ضميمو، ڪنهن مخزن جو خاص حصو، خاص اشاعت، ١٨ درجن کان گهٽ واري ڪنڊ اڌ گول کان گهٽ واري بيهڪ، پلنامو.

supplemental or **supplementary**(سپلي مينٽل آر سپلي مينٽري) **adj** added to supply what is needed; additional. .اضافي، زياده، وڌيڪ، ضميمه طور گڏيل، يا جوڙيل، واڌو.

suppletion (سپليشن) **n** a supplement; the adding of a word to supply a missing form of a conjugation.ضميمو، تتمو، اضافو، وڌيڪ اضافو ڪرڻ، وڌيڪ لفظ شامل ڪرڻ، جملي کي پورو ڪرڻ لاءِ وڌل حرف.

supplial (سپلائل) **n** the act of supplying.پهچائڻ، ترسيل ڪرڻ، ترسيل جو عمل.

suppliance (سپلائنس) **n** supplying, something to fill up time, pastime, gratification; supplication.وقفي کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪجهه ڪرڻ، وقت گذارڻ، خوشامد ڪرڻ، والدڪائي، ولدر، فـــرحت وٺڻ، (پاڻ کي) خوش ڪرڻ، خوشي، راحت، دعا، ونتي.

suppliant[1] (سپلائنٽ) **n** supplementary, reinforcing. وڌيڪ پهچائڻ، واڌو، اضافي، سگهائي ڏيندڙ، مضبوط بنائيندڙ، اڏ ڏيندڙ، ٽيڪو ڏيندڙ.

suppliant[2] (سپلائنٽ) **adj & n** supplicating; asking earnestly; entreating; a humble petitioner.خوشامد ڪندڙ، درخواست ڪندڙ، وينتي ڪندڙ، عرض رکندڙ، منٿ ڪندڙ، عرضدار، سوالي، نياز مند.

supplicant (سپليڪيٽ) **n** supplicating; asking submissively; a person who supplicates or entreats earnestly.عرضدار، سوالي، عرض مند، منٿ ڪندڙ، گهرجائو، ضرورت مند، خوشامد ڪرڻ وارو، درخواست ڪرڻ وارو، عرض رکندڙ.

supplicate (سپليڪيٽ) **vt & vi** to entreat earnestly; to petition; to pray..آزي نيازي، عاجزي، عرض ڪرڻ، منٿ ڪرڻ، عرض رکڻ، التماس ڪرڻ، پلءُ پائڻ، وينتي ڪرڻ، نيزاري ڪرڻ، خوشامد ڪرڻ، التجا ڪرڻ، ڳچيءَ ۾ پلءُ پائڻ، ليلڙائڻ، ليلائڻ، دعا ڪرڻ.

supplication (سپليڪيشن) **n** act of supplicating; an earnest or humble petition; earnest prayer or entreaty, esp in liturgies, a litany petition for some special blessing. عاجزي، التجا، سوال، عرض، وينتي، منٿ، نيزاري، درخواست، عرضداشت، زاري، ليلڙائي، ارداس، نياز مندي، دعاجي لاءِ ۾ درخواست، خاص مقصد خاطر دعا يا عبادت.

supplicatory (سپليڪيٽري) **adj** containing supplication or entreaty; humble.نياز. عرضداريءَ جو. عاجزاڻو. وينتيءَ جو. ۽ نوڙت وارو. منت ميڙ وارو. التجا آميز. عاجز مندانو.

supply (سپلاءِ) **vt, n** to make good; to satisfy; to provide, furnish; to fill, occupy (as a substitute); to serve instead of; to supplement; to reinforce, to help; to fill up a deficiency; act of supplying that which is supplied or which supplies a need; amount provided or in hand; available amount of a commodity; amount of food or money provided; a source of water, electricity; a parliamentary grant for expenses of government; a person who takes another's duty temporarily, a substitute, esp a teacher.جاءِ (جي) رسائڻ. رسد رسائڻ. حاضر ڪرڻ. ڪمي ڏيڻ. پرڻ. عيوضي ٿيڻ. موجود ڪرڻ. پهچائڻ. پورائو ڪرڻ. رسائڻ. (جو) ڪم ڏيڻ. مهيا ڪرڻ. رسائي پوري ڪرڻ. عيوض ۾ اچڻ. (کپت يا ضرورت) موجودات. پهچ. سامان. اسباب. مال. موجودات تر. سرسات. سيڌو پاڻو. رسد. پرتي.

supply-side economics (سپلاءِ سائيڊ ايڪانامس) **n** (an economic policy based on) the cutting of taxes in order to stimulate production, the belief that supply creates demand.(جيئن محصول گهٽ ڪرڻ واري پاليسي پيداوار ۾ اضافو ٿئي) رسد وارو اقتصادي سرشتو. طلب وڌائڻ لاءِ محصول گهٽائڻ جو اقتصادي اصول. تہ جيئن ناڻي جي رسد ۾ واڌاري سان ڪيل ڪاروبار ۾ سڙپ وڌي ۽ نتيجي ۾ پيداوار زور وٺي.

support (سپورٽ) **vt, n** to bear the weight of; to hold-up; to endure; to sustain; to maintain; to keep going; to corroborate; to make good; to uphold; to back up; to second; to contend for; to maintain a loyal interest in the fortunes of a supporting team; to perform as an introduction to the main performer; to supply with means of living; to show an interest in the activities of eg by attendance at meetings; to nourish; to strengthen; act or fact of supporting or upholding; a person who or thing that supports, sustains, or maintains; maintenance backing; a prop; an actor playing a subordinate part with a star.امداد. مدد ڪرڻ. تائيد ڪرڻ. پٺڀرائي ڪرڻ. ڪرڻ. ٽيڪ ڏيڻ. سهارو ڏيڻ. پاسو کڻڻ. (کي) سهارو ڏيڻ. جهلو ڏيڻ. تقويت ڏيڻ. ڏڍ ٿيڻ. جهلي بيهڻ. سهڻ. جهلڻ. سنڀالڻ. ڌارڻ. نڀائڻ. سانڍڻ. پالڻ. آڌار ٿيڻ. الڳ پيٽ مهيا ڪرڻ. پرورش ڪرڻ. سار لهڻ. حمايت ڪرڻ. مدد ڪرڻ. واهر ڪرڻ (پنهنجو) پيٽ پالڻ. زور وٺائڻ. مدد. آڌار. ٽيڪ. آجيوڪا. پٺڀرائي. پالنا. (جي) تائيد ۾. (جي) مضبوطيءَ ۾. آڏ. روڪ. بند. آڙ. آسرو. سهارو. امداد. جهلو. ڏر. پر. آڌار. پشتي. ٿولي. ٿنيو. ٽيڪ. (تاري). ٿل. تڪيو. سهاڳا. آڌار. پٺي. پٺڀرائي. تقويت آڳاڏيو. پت. تائيد. ڀروسو. آسرو.

supporter (سپورٽر) **n** a person who or thing that supports; an adherent; a defender; a person who attends matches and watches with interest the fortunes of a team; the supporting act or acts at a pop concert; a figure on each side of the escutcheon. معاون. حامي. وسيلو. دستگير. حمايتي. سنڀاليندڙ. پٺ ڀرائو. مدد ڪندڙ. سات ڏيندڙ. پرجهلو. مددگار بالڪ پاليندڙ.

support price (سپورٽ پرائيس) **n** a minimum price guaranteed to a farmer for agricultural produce and maintained by subsidy etc.(هارين جي مدد واسطي) گهٽ ۾ گهٽ قيمت مقرر ڪرڻ. فصل لهڻ وقت صحيح قيمت لاءِ هڪ بنيادي اگهہ مقرر ڪرڻ.

support worker (اسپورٽ ورڪر) **n** a worker, esp in health care, who carries on various tasks under the supervision of registered practitioners.مدد گار ڪارڪن.(ڊاڪٽرن جي نظرداريءَ هيٺ) صحت جي باري ۾ ابتدائي جاڻ ڏيندڙ ڪارڪن.

suppose (سپوز) **vt, n** to incline to believe; to conceive, imagine, guess; to assume provisionally or for argument's sake; to imply, presuppose; to expect in accordance with rules or conventions; to expect; to believe; to place underneath; to substitute fraudulently; a supposition; an instance of supposing or saying 'suppose'; expectation.اٽڪل ڪرڻ. مثال طور وٺڻ. ڀانئڻ. سوچڻ. سمجهڻ. خيال ڪرڻ. ڪرڻ. فرض ڪرڻ. تڪڻ. اندازو ڪرڻ. فرض جاڻڻ. ڪٿي فرض ڪرڻ. سمجهہ ڪٿي. ضرورت ڏيکارڻ. قياس ڪرڻ.

supposed (سپوزڊ) **adj** generally believed to be (often implying doubt or disagreement on the part of the speaker); assumed; conjectured; feigned; supposition; placed below, or having a note below, the fundamental of the chord..فرضي. خيال ڪيل. گمان ڪيل. خيالي. اندازاً فرض ڪيل. اندازو ڪيل. شروعاتي سُر. شروعاتي وجت.

supposes (سپوزز) **npl** perhaps substitutes, or substitutions, or suppositions. متبادل مفروضو. شايد. اندازو ڪيل.

supposing (سپوزنگ) **n** (introducing an expression of proposal or conjectures) if; what if; even if; how about. مفروضو. اندازو. گمان. خيال. فرض ڪيل.

supposition (سپوزيشن) **n** an act of supposing; that which is supposed; assumption; presumption, opinion..اندازو. الوسان. گمان. ڀاونا. ڪلپنا. تڪ. ٽل. قياس. خيال. اٽڪل. فرض ڪرڻ. مڃي وٺڻ.

suppositious (سپوزيشس) **adj** suppositional..اندازاً مفروضو. خيال ڪرڻ. خيالي. فرضي طور.

supposititious (سپوزي شس) **adj** secretly and cunningly substituted for another; spurious; suppositional..فرضي. خيالي. جڙتو. نڪلي. ٻئي جي جاءِ تي اٽڪل سان وڌل. تلقيدي. جعلي. ڪوڙو. پرتيندي. فرض ڪيل.

suppository (سپوزيٽري) n a medicated plug inserted in the rectum, vagina or urethera, and left to melt.(دواجي گوري وغيره) شافه. پليتو. پاڻ مرادو ڳرندڙ مادو بدني عضوي ۾ وجهي ڇڏڻ جيڪا اتي پاڻ مرادو ڳري وڃي. بدن جي هيٺين حصي جي خالن ۾ وجهڻ واري دوا.

suppress (سپريس) vt. to crush, put down; to subdue; to hold back, esp from publication, circulation, divulgation, expression or development; to check, stop, restrain; to hold in; to moderate; to leave out; to hold or press down; to ravish, دٻائڻ. لڪائڻ. بند ڪرڻ. ڇڏڻ. روڪڻ. دٻڻ. چُپائڻ. چپ ڪرڻ. جهلڻ. نہ کولڻ. لڪڻ. برباد ڪرڻ. پرشت ڪرڻ. زيان ڪرڻ.

suppressant (سپرسينٽ) n. a substance, eg a drug, that suppresses rather than eliminates, (مادو جيڪو بَندي - روڪي).

suppression (سپري شن) n. act of suppressing; stoppage; concealment, دٻاءُ. بندش. روڪ. اٽڪ. جهل. ضابطو. روڪڻ. جهلڻ. لڪ. بند ڪرڻ يا ٿيڻ. روڪجڻ. لڪائڻ. چپ. چپائڻ.

suppressive (سپري سِو) adj. tending to suppress; subduing, دٻائيندڙ. روڪيندڙ. جهليندڙ. بند ڪندڙ. بند ڪرڻ يا دٻائڻ وارو. چپائيندڙ.

suppressor (سپري سَر) n. one who suppresses anything; a device for suppressing anything, eg the echo of one's own voice on a telephone, electrical interference with television reception, داب وجهندڙ. روڪيندڙ. دٻائيندڙ. (ٽيليوزن جو) آواز جي صاف ڪرڻ جو نظام.

suppressor grid (سَپرري سَر گرڊ) n. a grid between the anode and screen of a pentode valve to repel secondary electrons back to the anode, بجليءَ ۾ اليڪٽرانڪ نظام جي بيهڪ ۽ تصوير سازي.

suppressor mutation (سپرري ميوٽي شن) n. a base change which suppresses the effect of mutations elsewhere, بنيادي ڦير ڦار جيڪا ٻئي هنڌ ٿيندڙ ڦيرين گهيرين يا تبديلين جي اثر کي روڪي.

suppurate (سپريٽ) vi, n. to gather or discharge pus; a suppurative agent, روڪڻ. پونءِ پرجڻ. گندو ٿيڻ. روڳ پرجڻ.

supra- (سَپرا) pfx signifying above, لفظي اڳياڙي - مٿي. مٿان. کان. کان اڳي. بعيد. بلا. اڳي. برتر.

supra-auxillary (سوپرا آر سَپرا آگزيلري) adj. arising above an axil, ڪڇ مٿان. پن ڪڇ مٿان. ڏريءَ مٿان.

supra-chiasmic (سپرا ڪيازمڪ) adj. above the chiasm, رڳ کان مٿي. ڳنڍ. ڳوڙهيءَ کان مٿي. جوڙ کان مٿي.

supra-chiasmic nucleus (سپرا ڪيازمڪ نيوڪليس) n. a small area in the hypothalmus thought to regulate the biological clock, انساني بدني گهڙي هلائڻ وارو دماغي مرڪز.

supracillary (سوپرا سيلري) adj. above the eye brow, پرن کان مٿي لرڙ. لرڙ تي.

supracostal (سپرا ڪوسٽل) adj. above or on a rib, پاسرين مٿان. پاسرين کان مٿان.

supracurstal (سپرا ڪوسٽل) adj. (of rocks) on or near the surface, above the earth's crust, جبل جو زمين جي مٿاڇري وارو تهه.

supralunar (سوپرا ليونر) adj. beyond the moon; very lofty, چنڊ کان مٿي. تمام مٿي. گهڻو مٿي.

supramolecule (سپرا مالي ڪيول) n. a cluster of molecules, usu created artificially, هترادو ناهيل پرماڻا. پرماڻن جو هترادوجٿو.

supramundane (سپرا ماندين) adj. above the world, دنيا کان مٿاهون. پرءِ دنيا جو. روحانيت جو.

supranational (سپرا نيشنل) adj. overriding national sovereignty; in or belonging to more than one nation, قوم کان اتاهون. هڪ کان وڌيڪ قومن جو.

supraorbital (سپرا آربٽل) adj. above the orbit of the eye, اک مٿان. اک جي مشڪي کان مٿي.

suprapubic (سپرا پيوبڪ) adj. above the pubic bone, بالا ڏونگرو. ڏاڪ جي هڏي کان مٿي.

suprarenal (سپرا رينل) adj. above the kidneys, بالا گردو. گردن کان مٿي.

supernal capsules or glands (سپرنل ڪئپسوليس آر گلئنڊس) n. the adernal glands, بالاگردي غدود.

suprarenal extract (سپرنل ايڪسٽريڪٽ) n. an extract from these used in the treatment of haemorrhage, Addison's disease etc, بالاگردي ست جيڪو رت روڪڻ لاءِ علاج طور ڪتب ايندو آهي.

suprasegmental (سَپرا سيگمينٽل) adj. representing or continuing through two or more speech sounds, ٻن لفظن کي ملائيندڙ. ٻہ لفظ ملائي ڳالهائڻ. ٻہ لفظ ملائي اچار ڏيڻ.

suprasensible (سپرا سينسيبل) adj. above the reach of the senses, سمجهہ کان ٻاهر. حواسن ذريعي نہ سمجهي سگهجڻ جهڙو.

supratemporal (سپرا ٽيمپورل) adj. transcending time; of the upper part of the temples or temporal region, وقت جي دائري کان ٻاهر. زمان جي بندش کان آزاد. لوندڙين کان مٿي. لرڙ کان مٿي.

supremacism (سپري ميسزم) n. (belief in) the supremacy of one particular group of people, ڪنهن هڪ

قوم جي وڏائيءَ جو اصول.

supremacist (سپري ماسٽ) **n.** a believer in or supporter of supremacism, ڪنهن قوم جي وڏائيءَ جو حامي.

supremacy (سپري ميسي) **n.** state of being supreme; supreme position in power, برتري، سروري، صدارت، وڏائي، اُتمتا، پيشوائي، مکتيا، سَريشٽا، سرداري.

Suprematism (سوپري ميٽزم) **n.** an extreme form of cubism using very simple geometrical shapes, جاميٽريءَ ۾ (ڪيوب مڪعب) چورسيا ڏاهڻ جا اصول ۽ طريقا.

supreme[1] (سپريم) **adj, n.** highest; greatest; most excellent; the highest point; the highest authority, وڏو، مکيه، اعليٰ، سڀني کان وڏو، نهايت اتاهون، اُتم، پَر م آتما، صدر، آتي سريشٽ، سر، سڀکان مٿي.

supreme[2] (سپريم) **n.** a rich cream sauce; a dish of meat, esp breast of chicken, served in this sauce (Fr), کهاڻي ملائيدار چٽني، مرغيءَ يا ڪڪڙ جيرن جي ڀاڄي.. ڪوڙيءَ جو ٻوڙ.

supreme sacrifice (سپريم سيڪري فس) **n.** the giving up of one's life, جان قربان ڪرڻ، جان جي قرباني ڏيڻ، شهادت ماڻڻ.

supremo (سپريمو) **n.** a supreme head; a leader with unlimited powers, وڏو، بهادر، حڪمران.

sur (سَر) **prep.** on, above (Fr), مٿان، ڪان، مطلق العنان حاڪم.

sur- (سَر) **pfx** signifying – over, above, beyond, مٿان، مٿاهون، اُچو، اوتاهون.

sura or **surah** (سُورا) **n.** a chapter of the Koran (Ar), سورة، قران شريف جي سورت.

suraddition (سَورڊشن) **n.** an additional title or designation, مٿاهون خطاب، خطاب در خطاب.

surah (سُورا) **n.** a soft twilled silk or artificial fabric, ريشم جو ڪپڙو، هٿرادو ريشم جو ڪپڙو.

sural (سورل) **adj.** pertaining to the calf of the leg, پنيءَ جو، مَري بابت، ٽنگ يا ران جو هيٺيون حصو.

suramin (سورامن) **n.** a drug, administered by slow intravenous injection, used in the treatment of trypanosomiasis, طبي لفظ، بيماريءَ ۾ لڳائڻ واري رڳ جي سئي، خاص ڪري طفيلي جيوڙن خلاف

surance (شورنس) **n.** assurance, پڪ، خاطري، پڪو دلاسو، آسرو، آٿت.

surat (سورٽ) **n.** coarse uncoloured cotton; anything that is of inferior quality, بافتو، اڻ رنگيل سوٽي ڪپڙو، ململ جو ڪپڙو جيڪو رنگين نه هجي.

surbahar (سار بهار) **n.** an Indian stringed instrument, larger than a sitar (Bengali), ستار کان وڏو ساز، گهڻن تارن وارو وڏو ساز.

surbase (سَر بيس) **n.** a cornice or series of mouldings above the base of a pedestal, گولو ۽ غلطان، پائدان مٿان ڀهاريل بيهڪ

surbate (سَر بيٽ) **vt.** to bruise (the hoofs or feet) with walking, make footsore, (پير پنڌ ڪري)، ٿڪجڻ، لرو تجڻ، جانورن جي کرن جوپنڌ سبب ڦاٽي پوڻ يا پچي پوڻ، پير پٿون ٿيڻ، پيرن ۾ ڦلوڙا يا ڦلوڪا ٿيڻ.

surbed (سَر بيڊ) **vt.** to set on edge (applied to a stone with reference to the grain – masonry), ڪَنڊ يا آخريءَ ڪناريءَ تي لڳائڻ لاءِ پٿر، ڪناريءَ تي لڳائڻ وارو پٿر-

surcease (سَرسيس) **vi, vt, n.** to desist or refrain from; to end, put to a stop to; cessation, بند ٿيڻ، رَڪجڻ، ختم ٿيڻ، روڪ، بندش.

surcharge[1] (سر چارج) **vt.** to exact a surcharge from; to overcharge; to overload; to overburden; to overstock; to saturate; to print over the original printing; to disallow; to charge with overwhelming force, محصول، ڍل، ڏن، بوجهه، وڌيڪ رقم وٺڻ، بالائي محصول، گهڻو بار وجهڻ، ڇپيل مٿان ڇاپڻ، پري چڙهڻ، ٻيڻو ڪرڻ، ڏلهي چڙهڻ، فاضل برقي رو.

surcharge[2] (سرچارج) **n.** an overcharge; an extra charge; an excessive load; an overloaded condition; an amount not passed by an auditor, which must be refunded; a new valuation or cancel-mark printed on or over a stamp; that part of a bank of earth, or its depth, lying above the top of a retaining wall, وڌيڪ وصول ڪرڻ، بالائي حاصلات، اجازت کان وڌيڪ خرچ ڪرڻ، غير قانوني خرچ، مٿان ڇپڻ يا ڇاپڻ، زمين جي مٿاڇري کان مٿي ٿيل اوساري.

surcingle (سَر سنگل) **n. vt.** the girth or strap for holding a saddle on an animal's back; the girdle of a cassock; to gird, fasten, or thrash with a surcingle, (گهوڙي جو) تنگ، پيتو، بالاتنگ، ڪوتل ڪش.

surcoat (سَر ڪوٽ) **n.** a medieval outer garment, usu sleeveless, often with heraldic device, worn by men and women over armour or ordinary dress; an undershirt or waistcoat, ٻاهريون ڪوٽ، ٻاهرين پوشاڪ، صدري، گنجي، واسڪوٽ.

surculose (سَرڪلوز) **adj.** having or producing suckers, ٻچي خيز، گوشا ڪيندڙ (ٻوٽو)

surculus (سَرڪيولس) **n.** a sucker, ٻچو، زير ٻچو، ننڍو ٻچو.

surd (سرڊ) **adj, n.** that cannot be expressed in rational numbers; voiceless; deaf; senseless; an irrational quantity; a voiceless consonant; one who is deaf

to persuasion, rational argument, عقل جي خلاف، بي آواز اکر، مناسب دليل جي نہ ٻڌڻ وارو. ضدي- هوڏي- هٺيلو. ٻڌو اڻ ٻڌو ڪندڙ.

sure (شوئر) **adj, interj, adv.** secure; safe; fit to be depended on; unerring; stable; bound in alliance; certain; assured; confident beyond doubt; without other possibility; certainly, undoubtedly, yes; surely, پڪ، يقين، ٺيڪ، بيشڪ، سچو، ضرور، لرسني، نشچي، هٿيڪو، بي شڪو، معتبر، پڪو، پروسي جهڙو، قائم- سچو- ها، پڪ ڏيارڻ، خاطرڪرائڻ، شڪ شبهو نہ ڏيکارڻ.

sure-fire (شوئر فاير) **adj.** unfallible, اعتبار لائق، پڪو، معتبر، بي شڪو، پروسي لائق.

surefooted (شوئر فٽيڊ) **adj.** not liable to stumble, nimble, پختي پير، ٿابي کائڻ جي ڊپ بنان، چوهو، چڙهڪ، ڪڙو تڙو، تيز فهم، ڦرت، جل ڦناڪو، چالاڪ، چست، جانور جن جي ڪرڻ جو خطرو نہ هجي، جيئن سرهه، جنگلي ٻڪر، جهنگلي رڍ وغيره.

surely (شوئرلي) **adv.** firmly; confidently; safely; certainly; assuredly; as it would seem, يقيناً، ضرور، پڪ، اڻ ٻچو، بي شڪ، بلاشڪ، تهدليو، البت، سلامت.

surething (شوئر ٿنگ) **n.** a certainty, certain success; certainly, beyond doubt, پڪي ڳالهہ، يقين لائق، قابل اعتبار، بنا شڪ شبهي.

Surete (سارتا) **n.** the French criminal investigation department (Fr), فرانس جو ڏوهن جي جاچ وارو ڪاتو، پوليس ڪاتو.

surety (شوئرٽي) **n.** certainty; safeguard; legal security against loss; a person who becomes legally responsible for another's liabilities; a sponsor; to be security for, ضامن، ضمانت، ڪفيل، ڪولاندر، تلهي، سنڀاليندڙ، ذميدار- ضامن ٻيهڻ.

surf (سَرف) **n, vi.** surging water or waves rushing up a sloping beach; sea foam; to bathe in or ride on surf, موج، لهر، ڪجي، ڪچ وارو، لهر يا موج تي هلڻ (راند).

surface (سرفيس) **n, adj, vt & vi.** the outer boundary or face of anything; the outside or upper layer; a flat, two-dimensional geometric figure that has length and breadth but no thickness; area; outer appearance, character or texture; an aerofoil; of on, or near a surface; superficial; to apply a surface or finish to; to bring or rise to the surface; to be exposed or revealed, to become apparent; to regain consciousness; to get out of bed, سطح، مٿاڇرو، تهہ، سٿ، تختي، سر آب ڪيت، روه، مٿ، ظاهر، ڪليل، هوش ۾ اچڻ، ننڊ مان اٿڻ، بستري مان نڪرڻ، ظاهر ٿيڻ، نظر اچڻ،خبر پوڻ، حال احوال ملڻ، مٿاچري تي آڻڻ، نظرن سامهون ڪرڻ.

surface-active (سرفيس ايڪٽو) **adj.** able to alter the surface tension of liquids, پاڻيٺ جي سطح جي حالت کي مٽائيندڙ.

surface-activity (سرفيس ايڪٽولي) **n.** the alteration to the surface tension of liquids due to superactive substances, سطحي عمليت.

surface-craft (سرفيس ڪرافٽ) **n.** a floating not submersible craft, پاڻيءَ جي سطح تي هلندڙ ٻيڙو.

surface-mail (سرفيس ميل) **n.** mail sent otherwise than by air, عام ٽپال، زميني ٽپال.

surfaceman (سرفيس مئن) **n.** a workman who keeps a railway bed in repair, ريل جي پٽڙيءَ جي سنڀال وارو مزدور.

surface noise (سرفيس نوائز) **n.** the noise produced by the friction of a stylus on a record, (فوني جي رڪارڊ) تي هلندڙ سئيءَ جو آواز، رگڙ جو آواز.

surface plate (سرفيس پليٽ) **n.** a rigid cast-iron plate whose surface is accurately scraped flat, used to test the flatness of other surfaces, صاف سطح واري پليٽ، سڌي مٿاچري واري چادر.

surface structure (سرفيس اسٽرڪچر) **n.** the formal structure of sentences, esp when broken down into their constituent parts, جملن جي رسمي بناوت، خاص طور تي جڏهين اُهي اڌ ڌڙ ۾ بيهڪ جي نشانين ذريعي مختلف ڀاڱن ۾ ورهايل هُجن.

surface tension (سرفيس ٽينشن) **n.** that property in virtue of which a liquid surface behaves like a stretched elastic membrane, clinging to the sides of a container, سطحي ڇڪ، مٿاچري ڇڪ.

surface-to-air (سرفيس ٽو ايئر) **adj.** (of a missile) travelling from a base on the ground to a target in the air, زمين کان هوا ۾ مار ڪندڙ (هٿيار ميزائيل).

surface water (سرفيس واٽر) **n.** drainage water, سطحي پاڻي، مٿاچري وارو پاڻي، سِرَ جو پاڻي، ڪنو - ڪثيف پاڻي، برسات جو پاڻي، ڍبن، ڍنڍن، ڍورن ۽ ڪلن ۾ گڏ ٿيل پاڻي.

surface wind (سرفيس ونڊ) **n.** the wind at a standard height of 10m above ground, سطحي هوا، مٿاچري تي لڳندڙ هوا.

surface worker (سرفيس ورڪر) **n.** a person engaged in any of the ancillary jobs in a coalmine not done underground, ڪوئلي جي کاڻ جي ٻاهران يا مٿاچري تي ڪم ڪندڙ مزدور.

surfacing (سر فيسنگ) **n.** giving a surface to anything; material for a surface layer; washing surface deposits for gold, سطح بندي، سطح صفائي، سون جي ڳولها لاءِ

مٿاڇري کي صاف ڪرڻ.

surfactant (سرفئڪ ٽنٽ) **n.** a substance, eg a detergent, which reduces surface tension; a wetting agent; a substance secreted by the pneumocytes lining the alveoli of the lungs that prevents the walls of the alveoli from sticking together; a substance administered as a substitute for this, eg to premature babies whose lungs are not fully developed, سطح جي ڇڪ کي گهٽائيندڙ مادو، صفائي واري دوا يا صابڻ، آلو ڪندڙ، گهٽائيندڙ، سيني ۾ ڦڦڙن جي ساهہ جي نالين کي چنبڙڻ کان بچائيندڙ مادو (تہ جيئن انهن جي چنبڙي پوڻ ڪري ساهہ نہ بند ٿي وڃي).

surfboard (سرف بورڊ) **n.** a long narrow board used in surfing, ترڻ وارو تختو.

surfboat (سرف بوٽ) **n.** a boat used for surfing, ٻيڙي، لانچ، موٽر واري ٻيڙي.

surfcasting (سرف ڪاسٽنگ) **n.** fishing from the shore by casting into surf, ڪنڌي سان مڇي پڪڙڻ، ڪناري تي ڏوري سان مڇي پڪڙڻ.

surfduck (سرف ڊڪ) **n.** the scoter, ڪاري بدڪ جنس، ڪاري ساموندي بدڪ، لهرن تي ترندڙ بدڪ.

surfeit (سرفيٽ) **n, vt & vi.** overfulness; gorging; gluttony; excess; an excessive meal; sickness or satiety caused by overeating or overdrinking; to feed or fill to satiety or disgust; to indulge to excess, esp in food and drink; to suffer from excess, پيٽ ڏلهڻ، بوسي ڪارائڻ، برٽي، جوڳرجڻ، ڏلهڻ، گهڻي کائڻ جي بيماري، جوگير، ڍَو ڪرڻ، ڌَڻ، بسيار خوري، اڦرجڻ، بلهزيرائي، بمجڻ، بدهضمي، ڦونڊجڻ.

surficial (سرفشل) **adj.** superficial, subaerial, مٿاهون، مٿاڇري وارو، ظاهري، جڙتو.

surf-fish (سرف فش) **n.** any fish of the Western American viviparous perchoid family, that inhabit coastal waters, آمريڪا جي ساموندي ڪناري جي مڇي.

surfman (سرف مئن) **n.** a man skilful in handling boats in surf, (لهرن تي ٻيڙي هلائيندڙ) ناکئو.

surge (سرج) **n, vi, vt.** an uprush, boiling or tumultuous movement of liquid; a sudden increase of power; a great wave; a swell; a sudden oscillation; a jerk on a rope; (of spacecraft) movement in the direction of travel; to well up; to heave tumultuously; to slip back; to jerk; to send in surges; to slack suddenly, لهر، لوڏو، اڀارو، جهٽڪو، اڀاري، چرپر، موج، ٻر وير چڙهڻ، اڪيچ پوڻ، ٿيڻ، موج تي هلڻ.

surgeon (سرجن) **n.** a person who treats injuries or diseases by manual operations; an army or naval doctor; a ship's doctor; a surgeonfish, سرجن، جراح، حڪيم، طبيب، چير ڦاڙ ڪندڙ، شتر وڍ، ويڄ، فوجي جراح، جهاز جو طبيب، مڇيءَ جو قسم، سرجن مڇي.

surgeonfish (سرجن فش) **n.** any member of the tropical fishes having razor-sharp spines on their tails, incl the tangs and unicorn fishes, تيز نوڪدار ڇهنب وارين مڇيون، تيز ڇهنبياري پڇ وارين مڇيون.

surgeon's knot (سرجنس ناٽ) **n.** a knot like a reef knot but with a double turn in the first part (used in ligaturing a cut artery), ٻٽي ڳنڍ، سرجن جي ڳنڍ، رڳ جي ڳنڍ.

surgery (سرجري) **n.** the art and practice of a surgeon; a doctor's or dentist's consulting-room; a doctor's or dentist's time of consultation; a set, regular, time when a member of parliament, local councillor is available to his or her constituents for consultation, جراحي، وڍ ڪٽ، جراحت، طب جراحي، فن جراحي، علم طب، جراحت خانو، ڊاڪٽر، طبيب، ميمبر يا ڪائونسلر نمائندي جي ملڻ جو وقت ۽ جڳهہ، جاءِ ملاقات، وقت ملاقات.

surgical (سرجيڪل) **adj.** of, pertaining to, or used in surgery; (of a garment or appliance) designed to correct a physical deformity; incisive; precise, جراحيءَ بابت، جراحي، جراحـــتي، جراحيءَ لائق، وڍ ڪٽ جو، جراحڪو، چيرو.

surgical boot or **shoe** (سرجيڪل بوٽ يا شو) **n.** a boot or shoe designed to correct deformities of the foot, پير جي بيماريءَ يا ٽيڏائپ درست ڪرڻ لاءِ خاص جوتو.

surgical-neck (سرجيڪل نيڪ) **n.** the constriction of the shaft of the humerus below the head, a frequent site of fractures, ڪلهہ جي هڏيءَ جي سوڙهہ يا خرابي.

surgical spirit (سرجيڪل اسپرٽ) **n.** methylated spirit with small amounts of castor oil and oil of wintergreen, عام اسپرٽ ۾ هيرڻ جو تيل ۽ ٻيون دوائون ملائي ڪم آڻڻ.

suricate (سَريڪيٽ) **n.** an African animal of the civet family, the slender-tailed meerkat, ٻلي يا چيتي جي جنس جو جانور، لور ٻلي، ٻليءَ نما لور، ڪستوري لور.

Surinam (سَرينام) **n.** a republic orig a Dutch colony, in Northern S America, ڏکڻ آمريڪا جي اترئين علائقي ۾ هڪ اڳوڻي ڊچ ڪالوني، ڏکڻ آمريڪا جو اهو ملڪ جنهن ۾ آباديءَ جي تناسب سان وڏي تعداد ۾ مسلمان آباد آهن، سَرينام ملڪ.

Surinam poison (سَرينام پوائزن) **n.** fish poison obtained from a S American papilionaceous plant, ٻوٽي مان حاصل ٿيندڙ زهريلو مادو.

Surinam toad (سَرينام ٽوڊ) **n.** a S American amphibian that hatches its eggs in pits in its back, آمريڪي

وڏو ڏيڻر، سرينامي ڏيڻر، هيءَ پنهن جا آنا پليءَ جي ڪڏن ۾ ڪٽي هلندو آهي جيستائين بچا ٿين.

surjection (سر جيڪشن) **n.** a mapping function in which all the elements in one set correspond to all the elements in another set, نقشي ڪشيءَ جو طريقو جهن ۾ مختلف طفن جا سمورا جزا هڪ ٻئي سان ٺهڪي اچن.

surly (سرلي) **adj., adv.** morose, gruff and grumpy; rough and gloomy; haughty; refractory; surlily, هڙڪيو، چتو، چهڙي، چهڙاڪتو، ڏهر وجهندڙ، رڪو، ڪهرو، بد مزاج.

surmaster (سر ماسٽر) **n.** the second master or deputy head in a school, ٻيو يا ننڍو ماستر، نائب هيڊ ماستر.

surmise (سَر مائيز) **n. vt.** allegation; suspicion; conjecture; to imagine; to suspect; to conjecture, guess, ڏوهه، شڪ، ڏڪو، الومان، اٽڪل، قياس، گمان، ڪلپنا، گمان ڪرڻ، شڪ ڪرڻ، ڏڪو هڻڻ، الزام لڳائڻ.

surmount (سر مائونٽ) **vt.** to mount above; to be on or go to the top of; to surpass; to get the better of, overcome, جيتڻ، لنگهي پار پوڻ، غالب پوڻ، حل ڪرڻ، ڪامياب ٿيڻ.

surmounted (سر مائونٽيڊ) **adj.** surpassed; overcome; higher than half the span; having another figure laid over, غالب پيل، قابض، مٿاهون، مٿان چاڙهيل.

surmullet (سرملٽ) **n.** a species of red mullet, admired by the Romans for its colour-changes as it died (Fr), سامونڊي مڇي، شاهه ماهي، شاهه پوڻي مڇي جنس.

surname (سَر نيم) **n, vt.** an additional name; a family name; a name by a surname, آکهه جو يا خانداني نالو، لقب، ذات، اپنام.

surpass (سر پاس) **vt.** to go or be beyond; to exceed; to excel, گوءِ کڻڻ، سر س ٿيڻ، وڌي وڃڻ.

surpassing (سر پاسنگ) **adj.** passing beyond others; excellent in a high degree, گوءِ کڻندڙ، وڌي ويندڙ، بهترين، مٿاهون- اوچو.

surplice (سر پلس) **n.** a white linen vestment worn over the cassock, اڇو جبو، اڇي ڪولي.

surplus (سر پلس) **n.** that which is left over; remainder; excess over what is required; excess of revenue over expenditure, فاضل، زائد، اضافي، فالتو، وڌيڪ، بچتو، زيادہ، واڌو، واڌڙ.

surplusage (سر پلسيج) **n.** surplus; superfluity, بچيل شيون، وڌيڪ مقدار، وڌاءُ، اضافي، باقيات، زيادہ.

surprise (سر پرائيز) **n, adj, vt & vi.** a catching, or being caught, unawares; the emotion caused by anything sudden or contrary to expectation; anything that causes or is intended to cause this emotion; to come upon suddenly or unawares; to capture by an unexpected assault; to lead or bring unawares, to betray; to strike with wonder or astonishment; to confuse; to seize; to cause surprise, اچرج، حيرت، تپرس، بي خبري، اوچتو حملو، جَليهه، مٿان اچي پوڻ، اچنبو، تعجب، حيراني، ڪڙڪڻ، حيرانيءَ ۾ وجهندڙ ڳالهه، راتاهو ڪرڻ، قبضو ڪرڻ، اچرج ۾ وجهڻ، منجهائڻ، پريشان ڪرڻ، حيران ڪرڻ، ڌوکو ڏيڻ، جهٽ هڻڻ، دوکو ڏيڻ.

surquedry (سرڪيوڊري) **n.** arrogance, هَٺ، آڪڙ، مغروري، ٻانور، گهمنڊ، فخر.

surra (سُورا) **n.** a trypanosome disease of the blood in horses in E Asia (Marathi), گهوڙن جي وچڙندڙ بيماري، ساڙ، ساڙو، ساڙ جي بيماري.

surrealism (سري الزم) **n.** a movement in art and literature begun in France around 1919 that sought to resolve the contradictory conditions of dream and reality into an absolute reality by various techniques, thus escaping the dominance of reason and conscious control, فرانس جي ادب ۽ مصوريءَ جو هڪ دور (۱۹۱۹دوران).

surrebut (سربٽ) **vi.** to reply to a defendant's rebutter, جواب دعوي داخل ڪرڻ.

surrebuttal (سَر بٽل) **n.** a plaintiff's evidence or presentation of evidence, in response to a defendant's rebuttal, دعوي ۾ ان جي حق ۾ ثبوت عدالت ۾ پيش ڪرڻ.

surrebutter (سر بٽر) **n.** the plaintiff's reply, in common law pleading, to a defendant's rebutter, حقدار جو جوابدار پاران ڏنل جواب مٿان دفاعي جواب.

surreind (سريند) **adj.** overridden, لتاڙيل گاهه، ڳاهه ڳاهيل، رد ڪيل.

surrejoin (سر جوائن) **vt, vi.** to reply to a defendant's rejoinder, جواب دعوي جو جواب ڏيڻ، رد ڏيڻ.

surrejoinder (سر جوائنڊر) **n.** a plaintiff's reply to a defendant's rejoinder, ڏنل جواب جو جواب ڏيڻ، رد ڏيڻ.

surrender (سرينڊر) **vt, vi & n.** to deliver over; to relinquish; to yield up; to resign; to yield oneself up; to yield; the act of surrendering, ڇڏڻ، پيش پوڻ، آڻ مڃڻ، هٿ کڻڻ، حوالي ڪرڻ، دست بردار ٿيڻ، ڇڏي ڏيڻ، آڻ مڃڻ جو عمل.

surrenderor (سرينڊرر) **n.** a person who makes a surrender, دست بردار ٿيندڙ، ڇڏيندڙ، پيش پولڊڙ، آڻ مڃيندڙ.

surrender value (سرينڊر ويليو) **n.** the amount to be paid to an insured person who surrenders his or

her policy, الشورنس پاليسي واپس ڪندڙ کي ڏنل پئسا واپس ڪرڻ.

surreptitious (سريٽي شس) **adj.** done by stealth or fraud; stealthy, مخفي، چوريءَ جو، لڪائڻ، چوريءَ سان، ڏوڪي، يا دوکي سان.

surrey (سَري) **n.** a light four-wheeled horse-drawn vehicle for four, usu with two seats, بگي، بگهي، وڪٽوريا، ٽانگو، گهوڙي گاڏي.

surrogate (سروگيٽ) **n.** a substitute; a deputy; a deputy of a bishop; a judge of probate; a person or thing standing in a dream, for another person or thing, or a person who fills the role of another in one's emotional life, نائب، نائب پادري، خواب ۾ آيل ڏيکارو، ٻئي جي پاران سنڀال ڪرڻ وارو، نعم البدل، عيوضي، بدلي ۾

surrogate mother (سروگيٽ مدر) **n.** a woman who bears a baby for another couple, after either artificial insemination by the male or implantation of an embryo from the female, ٻئي جوڙي جي اولاد جي ماءُ. ٻي عورت جي پيٽ سان پيدا ٿيل عورت. مترادو طريقي سان پيٽ ڪرائڻ

surrogatum (سرو گيٽم) **n.** a substitute; something that stands in place of something else, eg a price instead of the thing itself, نائب، بدران، پاران، بدر، عيوضي، عيوض- بدلو- قيمت- رقم- ملهه

surround (سرائونڊ) **vt, n.** to overflow; to go or extend all around; to encompass, environ; to encircle; to be the background situation to, or make up the context or environment of; to maintain around (oneself) a following of people or collection of things; to make a circuit; an act of surrounding; a border, esp the floor or floor-covering around a carpet; an ornamental structure fitted around, گهيرڻ، چوطرفي ماحول، گهيرو ڪرڻ، ورائي وڃڻ، ورائڻ، ويڙهي وڃڻ، وڪوڙڻ، ڪناري- گول ڦيرائڻ- گول ڦيرو پائي اچڻ- گهري وڃڻ جو عمل، حد، سرحد، ٻاهريون ڪنارو، غاليچي جي ڪنارن تي ڪيل سينگار وارو ڪم، مٿان کان وڃڻ يا وهڻ، اٿلي پوڻ.

surrounding (سرائونڊنگ) **adj, n.** encompassing; neighbouring; an encompassing; environment, things round about, آس پاس، ارد گرد، اوسو پاسو، گردنواهي، اثر ڪندڙ حالتون، ماحول، پسگردائي، ويجهڙائي، گهيرو، دائرو، وايو منڊل.

surround sound (سرائونڊ سائونڊ) **n.** any form of stereophonic sound reproduction using three or more speakers to give an effect of sounding coming from all directions, چو طرف ايندڙ اواز، چوڌاري ڦرندڙ آواز، چوڌس ڦهلاءُ (آواز جو).

surroyal (سرائيل) **n.** any tine of a stag's horn above the royal, هرڻ جي سڱ جي ڪُرَي.

surtax (سر ٽئڪس) **n, vt.** an additional tax; tax payable on incomes above a certain high level; to tax additionally; to charge surtax, اضافي محصول يا ٽيڪس، ٽيڪس جي مٿان وڌل ٽيڪس، وڌايل محصول، زائد محصول.

surtitle (سر ٽائيٽل) **n.** a printed translation of the libretto of an opera in a language foreign to the audience, projected above the proscenium arch, (فلم) آواز کي ٻيءَ ٻوليءَ ۾ لکي ڏيکارڻ ته جيئن ڏسندڙ سمجهي سگهن.

surtout (سر ٽوٽ) **n.** an overcoat; a lady's hood; a close-bodied frock coat; a raised portion of the parapet of a work at the angles, to protect from enfilade fire, اوورڪوٽ، ڪوٽ، جبو، وڌيل يا مٿي ڪيل اوساري.

surturbrand or surtarbrand (سَرتر برئنڊ) **n.** lignite found interbedded with lavas in Iceland, لاوي مان ملندڙ ڪوئلو، ڀوري رنگ جو ڪوئلو (جو ٻرندڙ جبل مان نڪري اچي).

surucucu (سُورُو ڪُو) **n.** a S American Indian name for the bushmaster snake, نانگ، (ڏکڻ آمريڪي) زهريلو نانگ.

surveillance (سروي لينس) **n.** a watch kept over someone or something, esp over a criminal (and his activities) by the police; vigilant supervision; superintendence, نگهباني، نظربندي، نظرداري، حفاظت، سنڀال، چوڪسي، اک رکڻ، اک ٽيٽ، تاڙ.

surveillance radar (سروي لينس راڊر) **n.** a plan-position indicator radar showing the position of aircraft within an air traffic control area, نگهباني ڪندڙ راڊر.

surveille (سرويل) **vt.** to observe, keep under surveillance, نظر داري ڪندڙ، چوڪسي ڪندڙ.

survey[1] (سروي) **vt.** to view comprehensively and extensively; to examine in detail; to examine (a building) in order to assess structural soundness or determine value; to measure (land heights and distances in an area) for mapping purposes; to perceive, spy, پيمائش، سروي، جائزو، معائنو، ماپ، زميني ڪچ، ايراضي ماپڻ، چوڪسي ڪرڻ، ڳجهه لهڻ، حقيقت معلوم ڪرڻ، اصل حالت ڳولڻ، اندازو لڳائڻ، جاسوسي ڪرڻ، جانچڻ.

survey[2] (سروي) **n.** a general view, or a statement of its results; an inspection; collection of data for mapping; an organization or body of people for that purpose; superintendence, جاچ پڙتال، جائزو، معائنو، معلومات جمع ڪرڻ، ادارو جيڪو معلومات ذخيرو ڪري.

surveyor (سرويئر) **n.** an overseer; a measurer of land; an inspector of buildings, their structure, state of repair; an inspector of roads, of weights and measures, of customs duties, پيمائش ڪار. سرويئر. ماپ ڪندڙ. پيمائش ڪندڙ. ناظر. جاچ ڪندڙ. ضابط. اندازو ڪندڙ. محصول لڳائيندڙ.

surview (سرووُ) **vt.** to survey, look over; to command a view of, پيمائش ڪرڻ. جاچ پڙتال ڪرڻ. اندازو ڪرڻ. جائزو وٺڻ.

survival (سروائيول) **n, adj.** a surviving or living after; anything that continues to exist after others of its kind have disappeared, or after the time to which it naturally belongs; (esp of standard equipment) designed to help one to survive exposure to extreme cold or other dangerous conditions, بقا. جياپو. آتي جيون. بچي پوڻ. باقي بچڻ. وڌ جيئڻ. جياپو گهارڻ. حياتي گذارڻ. بقاء. ڪابہ شيء جيڪا پنهنجي مدي پوري ٿيڻ ڪانپوءِ بہ برقرار رهي يا ڪتب اچي. اهڙا گهر، تنبو، ڪپڙا يا مشينون جيڪي ناقابل برداشت گرمي يا سرديءَ جي حالتن ۾ بچاءَ لاءِ استعمال ڪيا وڃن.

survival curve (سروائيول ڪَرو) **n.** a curve showing the percentage or organisms surviving at different times after subjection to a large radiation, جياپي ليڪ. جياپي انداز.

survivalism (سروائيولزم) **n.** a policy of trying to ensure one's own survival or that of one's social or national group; the practising of outdoor survival skills as a sport or hobby, حياتي بچاءَ طريقا. جان بچائڻ واريون رانديون سکڻ.

survivalist (سروائيو لسٽ) **n. adj.** a person who takes measures to ensure their own survival after a catastrophic event, or measures for their own personal protection from attack, robbery etc, آفت يا مصيبت اچڻ ڪانپوءِ پنهنجي بچاءَ جو بندوبست ڪرڻ واري ماڻهوءَ جو ڦُر. حملي وغيرہ کان ذاتي بچاءَ لاءِ ڪيل بندوبست.

survivance (سروائيونس) **n.** survival; succession or right to succeed on surviving the present holder, بچاءُ. بقا. جياپو. وراثت جي حقداري. وارث جو حق.

survive (سروائيو) **vt, vi.** to live or exist after or in spite of; to outlive; to remain alive or in existence, بچڻ. جيئرو هئڻ. وڌ جيئڻ. جيئڻ. زندہ رهڻ.

survivor (سروائيور) **n.** a person who survives or has survived; a joint tenant who has the right to the whole estate on the other's death, جياپيندڙ. جئندڙ. زندہ رهندڙ. باقي حيات (جاندار). باقي حيات ماڻهو. پسماندگان.

sus (سس) **n, vi.** a suspect; suspicious; suspicious behaviour, eg loitering with intent; to arrest for suspicious behaviour, شڪي. شڪي ماڻهو. شڪي حالت ۾. شڪي حالت ۾ گرفتاري.

sus (suss) laws (سس لاز) **n.** laws allowing a person to be arrested on suspicion of having committed a crime, شڪيءَ ماڻهوءَ جي گرفتاريءَ وارو قانون.

susceptible (سس سيپ ٽبل) **adj.** open to, admitting of; suffering readily (from), prone to; capable of receiving; impressionable, easily influenced or persuaded; easily affected by emotion, اثر پذير. تاثير پذير. اثر هيٺ. ترت اثر وٺندڙ. اليوشيل. جذباتي. جوشيلو.

susceptive (سس سيپٽو) **adj.** capable of receiving or admitting; readily admitting, اثر وٺندڙ. لائق جهڙو. تاثر پذير. اثر هيٺ.

susceptor (سسيپٽر) **n.** a sponsor, ڪفيل. ضامن. ذميوار.

suscipient (سسي پينٽ) **n. adj.** a recipient, esp of a sacrament; receiving, وٺندڙ. (احسان) پائيندڙ. (وحيءَ) کان حاصل ڪندڙ.

suscitate (سسي ٽيٽ) **vt.** to excite, arouse, جوش ۾ آڻڻ. هوش ۾ آڻڻ.

sushi (سُوشي) **n.** a Japanese dish of small cakes of cold rice and fish, vegetables and a vinegar sauce (Jap), جپاني مچي. پاجي ۽ چانورن جو سرڪي ۾ رڌل کاڌو.

suslik (سسلڪ) **n.** a spermophile, zizel, or ground squirrel (Russ), (روسي) لوريئڙي جنس جاندار. عام لوريئڙو.

suspect (سسپيڪٽ) **vt, vi & n.** to mistrust; to imagine to be guilty; to doubt; to be ready to believe, but without sufficient evidence; to incline to believe the existence, presence or agency of; to have an inkling of; to conjecture; to imagine guilt, to be suspicious; a person suspected, شڪي. سنو. گمان ٿيڻ. شڪ آڻڻ. شڪ اچڻ. گمانجڻ. شڪجڻ. شڪي ماڻهو. (ڪنهن شيء بابت) شڪ هجڻ. پيٽ پوڻ. انداز هجڻ.

suspectless (سس پيڪٽ ليس) **adj.** unsuspicious; unsuspected, غير شڪي. معتبر. اعتبار لائق. بنا گمان جي. غير گماني.

suspend (سس پينڊ) **vt.** to hang; to make to depend; to keep from falling; to put or hold in a state of suspense or suspension; to make to stop for a time; to defer; to defer or stay (eg a sentence); to debar from any privilege, office, emolument, for a time; to sustain into a following chord, providing discord (music); to hold in an indeterminate state, لٽڪائڻ. لڙڪائڻ. بلفعل لوڪريءَ تان لاهڻ. معطل ڪرڻ. مهمل رکڻ. ڏيتي ليتي بند رکڻ. موسيقيءَ جي وجت ۾ اڻ ٺهڪاءَ-

معطليءَ واري حالت يا ڪيفيت ۾ رکڻ.

suspended animation (سس پينڊيڊ اينيميشن) **n.** temporary slowing down to an absolute minimum of the body's principal functions, eg in hibernation, لکي ويل ساهه. لکي وڃڻ. عام حالت مان هليو وڃڻ.

suspended sentence (سسپينڊيڊ سينٽينس) **n.** a sentence of imprisonment not served unless the offender commits another crime, بنا جيل سزا. جيڪا ٻيو ڏوهه ڪرڻ واري حالت ۾ عمل ۾ اچي.

suspender (سس پينڊر) **n.** someone who or something that suspends; a strap to support a sock or stocking; braces for trousers, پتلون پٽا. لٽڪا پٽا. ٽنگيندڙ. لڙڪائيندڙ.

suspender-belt (سس پينڊر بيلٽ) **n.** a woman's undergarment with stocking suspenders attached, ٽنگڻو پٽو.

suspend payment (سسپينڊ پيمينٽ) **n.** publicly to stop payment debts from insolvency, ڏيتي ليتي بند ڪرڻ. ڏيوالو ٿيڻ.

suspense (سس پينس) **n, adj.** intermission; cessation; deferring of a judgement; a state or atmosphere of nervous or excited uncertainty; indecision; in suspense; suspended, held back, ڳڻتي، انتظار. شڪ. ڊپ. موقوفي. مهملي. اولو. آلڪو. اوسيڙو. غير يقيني صورتحال.

suspense account (سسپينس اڪائونٽ) **n.** an account in which items are entered which cannot at once be placed in an ordinary account, عام حساب ڪتاب کان ٻاهر آيل رقمن کي رکڻ لاءِ بئنڪ جو خاص حساب ڪتاب.

suspension (سس پين شن) **n.** act of suspending; interruption; delay; temporary debarment from office or privilege; a temporary or conditional withholding; holding a note from a chord into the next chord (music); a discord so produced; a mixture of a fluid with dense particles which are prevented from settling by viscosity and impact of molecules; (in a motor vehicle or railway carriage) the system of springs, supporting the chassis on the axle, معطل. عمل رڪجڻ. معطلي. لٽڪاءُ. گاڏي. اڻ ڳريل. لڙڪڻ. بند رکڻ. بلفعل. موقوفي. مهملي. موسيقيءَ جي وڄت جو طريقو. گهاڻي مادي اندر موجود ذرڙات. رختو. رنڊڪ. موٽر گاڏي يا ريل جي گاڏن ۾ سفر دوران جهاٽڪن کان بچاءُ وارو نظام.

suspension bridge (سسپينشن برج) **n.** a bridge with roadway hanging on cables themselves suspended from heavier cables stretched between elevated piers, ٽنگيل پل. لٽڪندڙ پل. جهولي نما پل. رسين واري پل.

suspension building (سسپين شن بلڊنگ) **n.** building round a concrete core and from the top downward, لڙڪندڙ جاءِ. پڪي بنياد واري عمارت جيڪا زلزلي کان بچاءُ لاءِ ٺاهي ويندي آهي.

suspension culture (سسپينشن ڪلچر) **n.** a method of culturing large quantities of cells by keeping them in vessels continually stirred and aerated, جيون يا گهرڙن کي لڏندڙ ٿانون ۾ رکي انهن جي پيدائش وڌائڻ.

suspensive (سس پينسو) **adj.** having the power or tendency to suspend or postpone; causing suspense, معطل ڪندڙ. معطل ڪرڻ جي طاقت يا اثر وارو.

suspensoid (سسپين سوائڊ) **n.** a colloid dispersed with difficulty, yielding an unstable solution that cannot be reformed after coagulation, لٽڪاءُ نما. مشڪل سان حل ٿيندڙ مادو (جيڪو ڄمڻ ڪانپوءِ وري جدا ٿي نه سگهي).

suspensor (سسپينسر) **n.** a chain of cells to which a plant embryo is fixed; a suspensory bandage, ڳل پٽي. اعصاب ڳهڙي زنجير.

suspensory (سس پين سري) **adj, n.** suspending; having the power or effect of delaying or staying; of the suspension; suspensorium, لڏندڙ. لٽڪائي رکندڙ. جهولندڙ. ٽنگيل. ٽنگڻو. ٽنگي رکندڙ.

suspercollate (سس پرڪو ليٽ) **vt.** to hang, ٽنگڻ. لڙڪائڻ.

suspicion (سس پي شن) **n.** act of suspecting; the state of being suspected; the imagining of something without evidence or on slender evidence; inkling; mistrust; a slight quantity, minute trace, eg of spirits; ground for suspicion; to suspect, شڪ. گمان. بي اعتباري. انديشو. شڪ شبهو. وهم. شڪ ڪرڻ. شڪي سمجهڻ.

suspicious (سس پي شس) **adj.** full of suspicion; showing suspicion; inclined to suspect; giving ground for suspicion; liable to suspicion, doubtful, وسو سيو. ڀرمي. سنسئي. شڪي. شڪائتون. وسواسي. بي ويساهو. گماني. شڪ ڳاڙ. وسهو. شڪ آور.

suspiration (سس پريشن) **n.** sighing, آهه ڀرڻ. ٿڌو ساهه ڀرڻ. سرد آهه ڀرڻ. ٿڌو ساهه کڻڻ.

suspire (سس پاير) **vi, vt.** to sigh; to breathe; to breathe forth, ٿڌو ساهه کڻڻ. ٿڌي آهه ڀرڻ. ساهه کڻڻ.

suspirious (سس پايرس) **adj.** breathing labouredly; sighing, ڳرا ساهه کڻندڙ. ساهه کڻڻ ۾ ڏکيائي. آهه ڀرڻ.

sustain (سسٽين) **vt, n.** to hold up; to bear; to support; to provide for; to maintain; to sanction; to keep going; to keep up; to support the life of; to prolong; means of sustenance, قائم رکڻ. پرورش ڪرڻ. پالڻ.

پاڻ پرو ٿيڻ، رسڻ، پاڻ پرائي، سهڻ، پٺتي ڏيڻ، جهلي بيهڻ، جهلڻ.

sustainability (سس ٽين ابلٽي) **n.** that which is capable of being sustained; in ecology, the amount or degree to which the earth's resources may be exploited without deleterious effects, پاڻ پرائي، پرورش پذيري، اهو مقدار يا حد جيستائين زميني وسيلا، ترقيءَ کي بنا ڪنهن نقصان رسائڻ جي استعمال يا ڪتب آڻي سگهجن.

sustainable (سس ٽين ابل) **adj.** (esp of development) which conserves an ecological balance by avoiding depletion of natural resources; that can be sustained, پاڻ پرو، پرورش پذير، برداشت ڪرڻ جهڙو، پالڻ جهڙو.

sustainer (سس ٽينر) **n.** a person who, or thing that, sustains; the main motor in a rocket, continuing with it throughout its flight, پاڻ پرو ساٿهو يا شيءِ، راڪيٽ جي اصل مشين، اصل حصو.

sustainment (سس ٽين مينٽ) **n.** act of sustaining; sustenance, برداشت، جهل، پاڻ پرائي.

sustenance (سس ٽي ننس) **n.** that which sustains, maintenance; nourishment; a means of support, پالنا، پرورش، قوت، گذران، روزي، خوراڪ، غذا، سهارو، ڪاڏو.

sustentacular (سس ٽين ٽي ڪيولر) **adj.** supporting, سنڀاليندڙ، خوراڪي، امدادي.

sustentator (سستين ٽيٽر) **n.** a sustaining part or structure, خوراڪي حصو، پالنا ڪندڙ حصو.

sustention (سس ٽين شن) **n.** the act of sustaining, سهارو ڏيڻ (جو عمل)، پرورش ڪرڻ، پاڻ پرائي.

Susu (سُو سُو) **n.** a Negroid people of W Africa, living mainly in Mali, Guinea and Sierra Leone; a member of this people; its language, شيدي ماڻهو، انهن جي بولي، حبشي قومون.

susurrous (سُوسرس) **n.** a murmuring; whisper; a rustling, سس پس ڪرڻ، ڪنجهڻ، ڪرڪڻ، پشڪات، پَڙ پَڙ، پشڪار، پشڪو، سرڙاٽ، ڪڙ ڪڙ، ڪڙڪڻ، بڙ واتيو.

sutile (سُوٽائل) **adj.** done by stitching, سبيل، لويو ڏنل، ٽاڪا ڏنل.

sutler (سَٽلر) **n.** a person who sells liquor or provisions to soldiers in camp or garrison; a camp-hawker, لشڪري مودي، بنارو، گهورارو، گاڏي وارو، ڇاپڙي وارو.

sutor (سوٽار) **n.** a cobbler, ٽاڪا هڻندڙ، چَنبو هڻندڙ، موچي.

sutorial or **sutorian** (سُوٽوريل آر سُوٽورين) **adj.** relating to cobbling or to sewing, چنبون هڻڻ، ٽاڪا هڻڻ، سبڻ، لويو ڏيڻ.

sutra (سُوترا) **n.** (in Sanskrit literature) an aphoristic rule or book of aphorisms on ritual, grammar, metre, philosophy; (in Buddhist sacred literature) any of a group of writings including the sermons of Buddha and other doctrinal works (Sans), سنسڪرت جا متا يا اصول، (ٻڌمت) ۾ مذهبي لکڻيون، ٻڌ جي چوڻين جا ڪتاب، ٻڌ مت جا متا.

suttee or **sati** (سَتي) **n.** an Indian widow who burned herself on her husband's funeral pyre; the Hindu custom of so doing, ستي ٿيڻ، مڙس جي لاش سان گڏ ان جي زال جو پاڻ کي جيئري ساڙڻ.

suttle[1] (سٽل) **adj.** light (esp of weight when tare is subtracted) هلڪو وزن، خالي وزن، پرتو وزن ڪالسواءِ وزن- جند جو وزن.

suttle[2] (سٽل) **adj.** subtle, هوشياريءَ چتر، حرفتي، تکو، سوکيم، جو، پتلو، لطيف، نازڪ، باريڪ، مهين، سنهون.

suttle[3] (سٽل) **vi.** to trade as a sutler, بناري جو ڪاروبار، بنارڪو ڌنڌو.

suture (سُوچَر) **n, vt.** a seam; a stitching; the stitching of a wound; the thread for this; a junction or meeting of margins, esp of bones of carpels; a line of dehiscence; a line of union; to stitch up, سيو، ٽالڪو، ڳنڍ، جوڙ، بخيو، سلائي، سبڻ، ٽاڪڻ، سبڻي، زخم کي ٽالڪا هڻڻ، زخم کي سبڻ، جوڙڻ واري ليڪ يا ٻيهڪ، جوڙيندڙ مادو.

suum cuique (سُوم ڪُوي) (L.) to each his own, جهڙي نيت تهڙي مراد، جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي.

suzerain (سُوزرين) **n, adj.** a feudal lord; supreme or paramount ruler; a state having supremacy over another; paramount.(Fr), جاگيردار، حاڪم، ڏن وٺندڙ، بادشاهه، رئيس، مَهيت.

suzerainty (سُوزرينٽي) **n.** the position or power of a suzerain (Fr), رئيسپڻو، حڪومت، زمينداري، جاگيرداري.

svarabhakti (سُوا را ڀاڪتي) **n.** development of a vowel between consonants (Sans), ٻي آواز اکرن جي وچ ۾ آوازن وارا اکر وجهڻ.

svelte (سُويلٽ) **adj.** attractively slim; slender and graceful; lissom; lithe; (in art) free, easy, light and bold (Fr), سهڻي بناوت، خوبصورت بدن، خوبصورت مصوري.

Svengali (سُوين گالي) **n.** a person who exerts total mental control over another, usu for evil ends, عامل، جادوگر، اثر رکندڙ.

swab (سُواب) **n. vt.** a mop for cleaning or drying floors or decks; a brush for wetting foundry moulds; a sponge or the like for cleaning the bore of a firearm; a bit of cottonwool or the like for

mopping up blood or discharges, applying antiseptics, cleaning a patient's mouth, or taking a specimen of a bodily secretion for examination; a specimen so taken; a naval officer's epaulette; a lubber or clumsy fellow; to mop with a swab, صاف ڪرڻ. لچوئڻ. لچوڻو. ٻهاري. جهاڙو. صفائيءَ جو اوزار. ڌوئڻ. صاف رکڻ. صافو. ڇُهي ونڻ. ٿُهي. پوچو. پوچي. نمونو. رت ڇهڻ لاءِ ڪپهه جو ٻوڙو. صاف ڪرڻ. دوائن سان اگهي صاف ڪرڻ. مريض جو وات صاف ڪرڻ وارو ڪپهه جو ٻهو. بحري عملدار جي ڪلهي جا نشان. سست. ڪاهل. نڪمو. ڪمچور. پهي سان صاف ڪرڻ.

swabber (سَوابر) **n.** a person who uses a swab; a mop for cleaning ovens, صاف رکندڙ. پوچي. پوچو. لچوڻو. ڇهندڙ.

swack (سَوِيڪ) **adj.** pliant; nimble, نرم مزاج. تيز فهم. ڪڙو تڙو. چوهو. چست. چالاڪ. ڦُرتِ. منهن ڪونڌرو. مڙنو. نرم. ملائم. چيو ڪندڙ. پر متڙيو.

swad (سَوادِ) **n.** a country lout; a soldier, رول. رولو. لوفر. سپاهي. فوجي.

swaddle (سَوادِل) **vt, n.** to swathe; to bandage; to wrap (an infant) tightly in strips of cloth; to thrash, beat soundly; swaddling-clothes; a bandage, پوڪين ۾ ٻڌڻ. ويڙهڻ. تنجڻ. پوڪيون پٽيون. ٻڌڻ يا تنجڻ وارا ڪپڙا. ڪٽڻ. سٽڻ. چڱيءَ طرح ڪٽڻ. پٽيون ٻڌڻ. پاروٽو.

swaddling-clothes (سَوادِلنگ ڪلوڌز) **n.** a strip or strips of cloth for swaddling an infant, پاروٽا ٻندڻ. تنجڻ.

swaddy (سوادِي) **n.** a soldier, esp a militiaman, سپاهي. فوجي. مليشيا جو سپاهي.

swag (سَوئيگ) **vi, n.** to sway; to sag; to travel around carrying a bundle, as a vagrant or in search of work; swagging; a festoon; a subsidence, as of ground over a mine; a depression; a bundle of possessions carried by someone travelling on foot; plunder, ڳنڍ ۾ سامان ٻڌي پاڻ سان کڻي گهمڻ يا هلڻ. ڳنڍ. ڪلو. نشان. چوريءَ جو مال. مال يا ڪپڙن جي پڙي. مال غنيمت- مال جي ٻجڪي. ٻکري. ٻغلي.

swage[1] (سَويج) **n.** a grooved or moulded border; any of several tools including a tool in two grooved parts, for shaping metal; to shape with a swage; to reduce the cross-section of a rod or tube, eg by forcing it through a tapered aperture between two grooved dies, قالب. سانچو. سانچي گهاڙ. سنداڻ.

swage[2] (سَويج) **vt.** to assuage, (اج) اجهائڻ. لارڻ. ڍارڻ. هلڪو ڪرڻ.

swage block (سَويج بلاڪ) **n.** a block with various holes, grooves for use in metalworking, قالب. سانچو. سنداڻ. جهريدار قالب.

swag-bellied (سَويج بيليڊ) **adj.** having a pendulous belly, پاهر نڪتل پيٽ وارو. وڏي پيٽ وارو.

swagger (سَوئيگر) **vi, vt, n.** to walk with a blustering or over-weening air of superiority and self-confidence; to brag noisily or ostentatiously; to behave arrogantly; to do, bring or render by swaggering; a swaggering gait, manner, mein or behaviour; ostentatiously fashionable; smart, سينجي هلڻ. ٺساڪ هڻڻ. آڪڙ ڪرڻ. ٺساڪ. دڙ. ٽيگرجڻ. ٽلڻ. ٻاٿهن هڻڻ. ٽيگر. ٺساڪ شٽاڪ. لوڏ. ٻيهڪ. ڊلڪ. تمام اڄي فيشن وارو. ٺاهوڪو. پوشاڪي. ٺونٺون.

swagger cane (سَوئيگر ڪين) **n.** a short military cane, ننڍي (فوجي) ڇڙي.

swagger coat (سَوئيگر ڪوٽ) **n.** a coat that flares loosely from the shoulders, (ڪلهي تي رکيل) ڪليل ڪوٽ.

swagman (سَوئيگ مئن) **n.** a man who carries his swag about with him, esp in search of work, ڳنڍ ٻڌي پاڻ سان کڻي ويندڙ ماڻهو. ڪم جو ڳولائو.

swagshop (سَوئيگ شاپ) **n.** a place where cheap and trashy goods are sold, سستي سامان جو دڪان. پراڻين شين جو دُڪان. پراڻي سامان جو دڪان.

swagsman (سوئيگس مئن) **n.** a swagman; a burglar's accomplice who carries the plunder, چور جو ساٿاري. پريءَ وارو.

Swahili (سَواهلي) **n.** the people of Zanzibar and the opposite coast; one of them; their language; a Bantu tongue modified by Arabic, spoken in Kenya, Tanzania and other parts of East Africa (Ar), سواحلي قوم. اوڀر آفريڪا جا اصل باشندا. بربري قوم. زنگي قوم. سواحلي قوم جي ٻولي.

swain (سَوين) **n.** a young man; a peasant or rustic; a lover or suitor, ٻهراڙيءَ جو جوان. عاشق. نوجوان. ساڄن. پريتم.

swaining (سَوينگ) **n.** love-making, a sexual intercourse. جهڻ. جماع. سنجوڳ. جنسي عمل. مجامعت.

swainish (سَوينش) **adj.** boorish, بيزار ڪندڙ. متو ڪائيندڙ. ڪَڪ ڪندڙ. پريشان ڪندڙ.

swale (سَويل) **n.** a shady spot; shade; a sunken or marshy place, هيٺاهين زمين. ڇالورو. ڇانو. ڇالولڪ. ڍٻي واري ڇڪهه. پوسيلي زمين

swallet (سَوِليٽ) **n.** a swallow hole, زمين دوز چشمو. ڍٻو.

swallow[1] (سَوالو) **n.** a small long-winged migratory bird, often with a forked tail, that catches insects

on the wing; any bird of its genus or family; extended to various unrelated birds of similar form or habits, ابابيل پکي، مختلف قسمن جا جيت جهلي کائڻ وارا پکي، تنڊا پوليندڙ پکي.

swallow² (سَوالو) **vt, vi, n.** to take into the stomach through the gullet by a muscular movement of the throat; to engulf or subsume; to take in; to accept, sit down under (eg an affront); to stifle or repress (eg tears or one's pride); to believe credulously; to perform the action of swallowing something; an abyss; a swallow hole; a throat; an act of swallowing; a gulp; a quantity swallowed at once; capacity for swallowing; the aperture in a block, between the sheave and frame, through which the rope runs, ڳهڻ، ڳڙڪائڻ، کائڻ، ڳيهڻ، سهي وڃڻ، پي وڃڻ، گهٽڪڻ، کائي کپائي ڇڏڻ، مچي وڃڻ، سهڻ، ڏبو، هڙپ ڪرڻ، غم کائڻ، هضم ڪرڻ، ورائي وڃڻ، مٿان پٺجي وڃڻ، مڃڻ، قبول ڪرڻ، (بيعزتي يا گهٽتائي) برداشت ڪرڻ، اعتبار ڪرڻ، مڃڻ، اونهي کڏ، عميق، تمام اونهي جاءِ، اوڙاهه، ابابيل پکيءَ جو آکيرو، زمين جي چر يا ڦوٽ، نڙي، ڳچي، نڙگهٽ، ڳهڻ جو عمل، کائڻ، هڪ وقت کائڻ جيترو اندازُ، گرهه، ڳهڻ جي گنجائش، وٽي، ويڙهي، چير، جهيري.

swallow-dive (سَوالو ڊائيو) **n.** a dive during which one's arms are outstretched to the sides, ٻانهون کولي (پاڻي ۾) ٽپو ڏيڻ.

swallow-hole (سَوالو هول) **n.** a funnel or fissure through which surface water passes underground, esp in limestone, پاڻي جهڻندڙ زمين جو لڪر، زمين جي چر يا ڦوٽ.

swallow-tail (سَوالو ٽيل) **adj.** a forked tail; a long-tailed dress coat; a butterfly with prolongations of the hind wings; a barbed arrow; a pennon; a swallow-tailed bird (eg the humming-bird and the kite), ٻچانگو پڇ (پکيءَ جو)، ٻچانگي پڇ وارو پکي، ابابيل پکي، ابابيلي پڇ رکندڙ سرڻ، شڪرخورو وغيره، هڪ قسم جو پوپٽ، سنهين تارن لڱل تير.

swallow-wort (سَوالو ورٽ) **n.** an asclepiad from the swallow-tailed appearance of its paired pods; hence any asclepiad; greater celandine, آڪَ (بوٽو).

swami (سَوامي) **n.** a Hindu idol; a Hindu religious instructor, esp as a form of address; a mystic (Hindi), سوامي، (هندو) مذهبي استاد، آچاريہ، گياني، ساڌو.

swamp (سَوامپ) **n, vt, vi, adj.** a tract of wet, spongy land; low waterlogged ground; to cause to sink or become stuck in a swamp; to cause a boat to fill with water; to overwhelm, inundate; to become swamped; of, or of the nature of swamp; living or growing in swamps, چڪڻ واري زمين، ڏٻڻ، کٻڻ، ڪپائڻ، ٻوڙڻ، غرق ڪرڻ، کپ، گرڻ، آلاڻ، پوسلي زمين جو ٻوٽو.

swamp boat (سَوامپ بوٽ) **n.** a flat bottomed boat with a raised aeroplane engine for travelling over swamps, سڌي ترِي واري ٻيڙي، ڊولڊي ٻيڙي.

swamp cypress (سَوامپ سائپريس) **n.** a deciduous conifer of swamps in the southern USA, ڏٻڻ وارو سَرو، آلاڻ وارو شمشاد جو وڻ.

swampdeer (سوامپ ڊيئر) **n.** a species of deer usu. living near water holes or bushy areas. هندستان جو هڪ هرڻ، درياهي ٻيلن ۾ رهندڙ وڏو هرڻ، ٻارهن سڱو، سانبر، ڦاڙهو.

swamper (سَوامپر) **n.** a person who lives or works in the swamps, ڏٻڻ واري زمين تي ڪم ڪندڙ ڪمي، پوسلي زمين تي ڪم ڪندڙ مزدور، پوسلي زمين جو رهاڪو.

swamp fever (سَوامپ فيور) **n.** leptospirosos; a viral disease of horses; malaria, پوسلي بخار، مليريا بخار، گهوڙي جي هڪ وبائي بيماري.

swamp gas (سوامپ گئس) **n.** marsh gas, پوسلي گئس، بدبودار گئس.

swamp oak (سوامپ اوڪ) **n.** casuarina, پوسلي شاهه بلوط (وڻ).

swan (سَوان) **n, vi.** any species of Cygnus, a genus of large graceful, stately, long-necked aquatic birds; one of these birds; to swim, move, glide like a swan; to swan about, هنس پکي، وڏي بدڪ، ڪاز پکي، اڇو هنج پکي، قاز پکي، بدڪ يا هنج والگر ترڻ.

swan-goose (سَوان گوز) **n.** the China goose; the coscoroba swan; of S America, راج هنس (پکي)، هنج پکي، اڇو هنج پکي، قاز پکي.

swan herd (سوان هرڊ) **n.** one who tends swans, هنج پکي پاليندڙ، ڪاز ۽ بدڪون پاليندڙ، هنج پاليندڙ.

swank (سَوئنڪ) **n, vi, adj.** ostentation; pretentiousness; a person who swanks; to show off; to swot; to slender, pliant; agile; smart, swanky, ڏيکاءُ، نماءُ، ڏيکارڻ، نمائش ڪرڻ، نازڪ بنائڻ، پرسـتـڙيو، چٽـيدار، شـوقين، پڙهاڪو، گهڻو پڙهڻ (امتحان جي تياريءَ لاءِ)، ڪوڙ شور ڪرڻ، ڏيکاءُ ڏيندڙ، چست، ٺاهو، لرزو.

swanking (سَوئنڪنگ) **adj.** strapping, vigorous and strong; showing off; showy, نماءُ وارو، ڏيکاءُ وارو، نمائشي، لرزائي، لرزيائي.

swanky (سَوائنڪي) **n.** an active, smart, vigorous person, poor thin beer or any sloppy drink, even sweetened water and vinegar; ostentatiously smart

تيز، تکو، نمائشي، سادو شراب، بيئر، پاڻي پيل سرڪو، چست، ڏاهوڪو ۽ طاقتور ماڻهو، پوءِ ڏاڻو.

swan-mark (سَوانَ مارڪ) **n.** the notch made on the swan's upper mandible, as a mark of ownership, هنج پکيءَ جي ڪنڊ تي لڳايل نشان.

swan-mussel (سَوان مَسيل) **n.** a freshwater mussel, تازي پاڻيءَ جي سپ، صدف، سپ جيت.

swan-neck (سَوان نيڪ) **n.** an s-shaped bend or piece, ايس اکر وانگر مڙيل شيءِ، هنج نما ڳچي، ناڙ.

swans-down (سَوان ڊائون) **n.** the under-plumage of a swan; a soft woollen or mixed cloth; a thick cotton with a soft nap on one side, تاز يا هنج پکيءَ جا ننڍا اندريان کنب، نرم پشمي ڪپڙو، فلالين جهڙو ڪپڙو.

swan-shot (سَوان شَاٽ) **n.** a shot of large size, like buckshot, تاز پکيءَ لاءِ ڪارتوس.

swanskin (سوان اسڪن) **n.** the unplucked skin of a swan; a soft, nappy, tine-twilled fabric, تاز پکيءَ جي کنبن سوڌي کل، نرم ۽ پشمي ڪپڙو.

swansong (سوان سانگ) **n.** the fabled song of a swan just before its death; a writer's or musician's last work; one's last work or final appearance, آخري سوڪڙي، آخري شعر، آخري لکڻي، موت کان اڳ ۾ ڪيل ڪاوش، نوڪريءَ، ملازمت يا ذندگي جو آخري ڏينهن.

swap or swop (سَواپ) **vt, vi. n, adv.** to barter; to give in exchange; to exchange; to strike (as a bargain); to strike, hit; to slam, plump, slap down; to reap (corn); close to the ground; to barter; to exchange one for another, cry out a mutual exchange; to smite; to flop; an exchange; something which is exchanged or offered in exchange; a swap option; a swap line; a blow, stroke; suddenly, مٽ سٽ، ڪنو مني، لولشو، ڌڪ، چماٽ، بدلائڻ، سروبدر، مٽائڻ، لابارو ڪرڻ، فصل ڪپڻ، مٽ سٽ ڪرڻ، ڌڪ تي ڌڪ هڻي وٺڻ، سودو طئي ڪرڻ، ڊڪڻ.

swap meet (سواپ ميٽ) **n.** a gathering at which collectors, dealers, trade or barter, مٽ سٽ ڪرڻ لاءِ گڏجاڻي، جڳهه جتي هڪ شيءِ ڏئي ٻي وٺجي، مال پڙي، بزار، نماءُ، نمائش.

swap option (سَواپ آپشن) **n.** a transaction in which debt liabilities are exchanged, a fixed-interest loan contract for one with a floating rate, (قرض جي) ڏي وٺ ڪرڻ، اهڙو سودو جنهن ۾ قرض جي ذميوارين جي مٽ سٽ ڪئي وڃي.

swap-shop (سَواپ شاپ) **n.** a shop, meeting where goods are exchanged for other goods or services rather than for money, متا ستا جو دڪان، متا ستا جو ادارو.

swaption (سواپشن) **n.** a swap option, متا ستا ڪرڻ جو موقعو يا اختيار.

swaraj (سَوَاراج) **n.** self-government, independence, home-rule.(Sans), خود مختياري، آزادي، ملڪي حڪومت.

sward (سَوَارڊ) **n, vt.** the grassy surface of land; green turf; to cover with sward, چرڻ چالڻ زمين، ولهار، گاهه واري زمين، سبز ميدان، ننڍو گاهه، چمن، چراگاهي زمين.

swarf[1], **swarve, swerf or swerve** (سَوَارف) **vi.** to faint; to swoon, بيهوش ٿيڻ، هوش وڃائڻ، ڊڪرجڻ، مورچل ٿيڻ، غشي، اونگهه، ڊڪر.

swarf[2] (سوارف) **n.** grit from an axle; stone or metal grindings, filings, turnings etc, دز، دزي، ڏارو، لوٽ.

Swarga or Svarga (سَوارگا) **n.** heaven; Indra's paradise (Sans), بهشت، سَرگ.

swarm[1] (سَوارم) **n, vi, vt.** a body of bees going off to found a new community; a throng of insects or other small animals; a throng of people or of inanimate objects, esp one on the move, eg a mass of meteorites travelling through space; a colony; offshoot; to go off in a swarm; to occur or come in swarms; to abound, teem; to cause to swarm; to throng, ولر، ميڙ، شاهي ميڙاڪو، ڪٽڪ (ماکيءَ جا) البوهه، هجوم، حشام، ميڙ ڪرڻ، دل، ميڙاڪو، پرپل، ماکيءَ جي مکين جو ولر جيڪو هڪ مانارو ڇڏي ٻئي ماناري ۾ وڃي شامل ٿئي، پتنگن يا جيتن يا ننڍڙن جيون جا ڪٽڪ، ماڻهن جو البوهه، ولر ۾ اڏامڻ يا وڃڻ.

swarm[2] (سَوَارم) **vt, vi.** to climb (eg a pole or tree) by clasping with arms and legs, (چنبڙي) چڙهڻ، وڻ تي چڙهڻ، ٿل تي يا ٿنڀي تي چڙهڻ، لوڙي تي چڙهڻ.

swarm-spore or cell (سوارم اسپورآر سيل) **n.** a free-swimming generally ciliated asexual reproductive body; an active germ produced by sporulation in Protozoa, ميڙ تخمڙو، ميڙ خانو.

swart or swarth (سوارٿ آر سوراٿ) **adj.** black; dusky; blackening, hence, malignant, baleful, ڪارو، يُورو، ڪٽڪ رنگو، سانورو، ڪارائيل، ڪنو، بيماريل.

swart-back (سوارٽ بئڪ) **n.** the great black-backed gull, ڪارن کنبن وارو وڏو پکي، وڏو ڪاري پٺ ڪينا پکي.

swart star (سوارٽ استار) **n.** the Dogstar, in reference to its appearance in summer, when the sun darkens the skin, تارو، اونهاري ۾ نظر ايندڙ تارو.

swarthy (سوارٿي) **adj.** blackish; dark-complexioned, ڪارو، ميرو، سانورو، سياهه.

swash[1] (سَوَش) **n, vt, vi.** slush; pig-wash; a wash of liquid, eg of water over a beach; the action or

sound of splashing liquid; a dash; a heavy blow; a clashing or dashing sound; a swashbuckler; a swaggering; with a splash, heavy blow, or with a clashing or dashing sound; to dash; to splash; to clash, ڇول، ڇوليون هڻڻ، ڇلڪو، ٺينگ، ٽپو، ڇلڪڻ، ٽپڻ، ڇولي هڻڻ، آڪڙ، ٻناڪ هڻڻ، پاڻي اڇلائڻ، پاڻيءَ ۾ ٺڪ ٺڪ ڪرڻ، ٽڪراءَ جو آواز، ٽڪرجڻ، پاڻي اڇلائڻ، ٺاڦوڙا هڻڻ، ٽڪرائڻ، آمهون سامهون ٿيڻ.

swash[2] (سَوِئش) **n, adj.** a piece of turner's work with mouldings oblique to the axis; a flourish on a letter; (of letters) ornamental italic, with decorative strokes that end in a flourish used only at the beginning or end of a word (printing), سهڻي هٿ اکري سهڻي ٺاهيل شيءِ، (ڇپائيءَ ۾) ڦيريون اکر سهڻو ڪري ڇاپڻ.

swashing (سَوِئيشنگ) **n, adj.** slashing, crushing; blustering, ٻناڪي، سخت ڌڪ، ڇوليندڙ، ڪپيندڙ، ڇپيندڙ، آڪڙيو، سٽڪو، ڪٽڪو، ڇٽيل.

swastika (سَواستيڪا) **n.** an ancient and worldwide symbol, a Greek cross with arms bent at right angle, esp clockwise, emblematic of the sun, good luck, anti-semitism or Nazism, نازين جو نشان، سوا ستيڪا وارو نشان، آڳاٽو يوناني منڊيڙي جو سورج ديوتا لاءِ نشان.

swat (سَوِئٽ) **vt, n.** to hit smartly or heavily; a sharp or heavy blow; a swatter, ڌڪ، ٺڦ، چنبو، ڪچلڻ، زوردار ڌڪ هڻڻ، پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻڻ.

swatch (سَوِئچ) **n.** a sample, esp of cloth or of carpet, wallpaper etc, سيمپل، ڪپڙي، غاليچي يا پني جو ٽڪر يا نمونو.

swatch book (سَوِئچ بُڪ) **n.** a collection of swatches bound together into book form, نمونن جو ڪتاب، ڪپڙي جي ٽڪرن جي بندي يا ڪتابڙي.

swath or swathe (سَواٿار سَواڌ) **n.** a band of mown ground or of grass or corn cut by the scythe or mowing-machine, or ready for these; a broad band; the sweep of a scythe or mowing-machine, ڏاتيءَ مهاڙو، ڏاتي جو منهن، لڻيل گاهه، ڏاتي ڪٽيل گاهه، گاهه، پٽي، بند، سڙي، ڪڙهي، گاهه ڪڍڻ واري مشين جو ٺاهيل پٽو.

swathe[1] (سَواٿ) **vt.** to cut and leave grain lying in swathes to ripen on the ground, ان لڻي زمين ۾ ڦٽي ڪرڻ ته اتي پٽي پٽي سڪي وڃي ۽ ڳاهڻ لائق ٿئي.

swathe[2] (سَواڌ) **vt, n.** to bind round, envelop; to bandage; a bandage; a wrapping, ڀري ٻڌڻ، ان جي سڌي ڪرڻ، پٽي ٻڌڻ، ڳنڍيون ٺاهڻ.

swats (سَوِئٽس) **n.** new ale (beer), (تازو يا نئون) بيئر.

swatter[1] (سَوِئيٽر) **vi.** to swatter; to splash or spill about, پاڻي اڇلائي هڻڻ، پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻڻ.

swatter[2] (سَٽيٽر) **n.** an instrument consisting of a flexible shaft with a wide, flat, flaplike head, with which to swat flies, مکي مار پٽي.

sway (سَٽي) **vt, vi, n.** to cause to move swingingly or sweepingly from side to side, usu slowly; to cause to lean or incline; to divert; to influence by power or moral force; to wield; to govern, hold sway; to control; to have a preponderating influence upon; to hoist; to swing; to oscillate; to swerve; to incline to one side; to have preponderating weight or influence; to rule; to proceed, bend one's course; to advance in hostility; directing force or influence; preponderance, dominance; rule, supremacy; a swinging or sweeping motion; a motion to and fro or back and forth; a swerve; rotation, عمل، زور، حڪومت، حڪمراني، لوڏڻ، لاڏڻ، (هٿ ۾) ڪٺي ڏوڻڻ، گهمائڻ، هلائڻ، ڦيرائڻ، حڪم هلائڻ، گهمائي وٺڻ، لاڏندو لمندو، ٽلندو، جهــوليندو هلڻ، (راڄ) هلائڻ، ڪم آڻڻ، جهلي ڪم اڻي سگهڻ، روڪڻ، (وس) رکڻ، بندش ڪرڻ، قيــد ۾ رکڻ، (جهنڊو) ڦڙڪائڻ، هڪ طرف مــوڙڻ، اٽل وارو هجڻ، غالب پوڻ، اڳتي وڌڻ، ڪاروائي ڪرڻ، مڙڻ، رستي ۾ مڙي وڃڻ، اڳرائي ڪرڻ، اڳتي وڌي اچڻ، چڙهتي ڪرڻ، اڳتي پوئتي ٿيڻ.

sway back (سَوي بئڪ) **n.** a nervous disease of lambs causing difficulty in walking or standing; (of a horse) bent down in the back, هلڻ ۾ خم يا جهول، گهوڙي جي پٺيءَ جو هيٺ ٿيڻ، هني واري جڳهه جو جُهڪڻ، رڍن جي هڪ اعصابي بيماري جنهن ۾ هلڻ ۽ بيهڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي.

Swazi (سَوازي) **n.** a racially mixed people inhabiting Swaziland and parts of the Eastern South Africa; a member of this people, its language, سوازي قوم، ڏکڻ آفريڪا جا باشندا ۽ انهن جي ٻولي.

swazzle or swozzle (سَوِئيزل) **n.** an instrument consisting of two convex pieces of metal with a tape stretched between them, placed in the mouth to make a voice, وات سان وڄائڻ وارو هڪ ساز، چنگ.

sweal, sweel, swale or swayl (سَويل آر سَويل) **vt, vi.** to scorch; to singe; to roast in the skin; to burn off (eg heather and gorse, or soot in a chimney); to cause (a candle) to gutter; to waste away; to be burning hot, ٻرڻ، رڃڻ، پسرڻ، پگهرجڻ، ٻرڻ ۽ وهڻ (جيئن ميڻ بتي)، رڃي وڃڻ.

swear (سَوير) **vi, vt, n.** to take or utter an oath; to utter imprecations; (eg of a cat) to utter defiant noises;

to give evidence on oath; to assert, promise, agree to, confirm or value, on oath; to assert loudly or boldly; to invoke; to administer an oath to; to put on oath; to bind by oath; to admit to office by oath; to bring, put or render by swearing; an expression that is formally an oath or a curse, a bad language generally; a bout of swearing, bad language; an oath, قسم کڻڻ. حلف کڻڻ. سنهن کڻڻ. قسم ڏيڻ. قسم کڻائڻ. حلف ڏيڻ. قسم تي شاهدي ڏيڻ. پٽ پاراتو ڪرڻ. گار گند ڪرڻ. ڪهٽ وڏ ڳالهائڻ. حلف ڏئي عهدي تي مقرر ڪرڻ. خاطري ڪرائڻ. تاڪيد ڪرڻ. دعويٰ رکڻ. يڪ سان چوڻ. قسم ڏئي پابند ڪرڻ. قسم رستي آڻڻ. هڪ اهڙو جملو جيڪو ساڳي وقت حلفيه هجي يا گار برابر ہو. گار گند. ڪچي گار. ڪهٽ وڏ ڳالهاءِ.

swear-word (سَوير ورڊ) **n.** a word that is considered bad language, گار گند. پٽ پاراتو. ڪهٽ وڏ چوڻ. گندا يا ڪنا لفظ.

sweat (سَويٽ) **n, vi, vt.** the moisture excreted by the skin; moisture exuding or seeming to exude from anything; a state, fit or process of exuding sweat; exercise or treatment inducing sweat; sweating sickness; labour, long, hard work; drudgery; fidgety anxiety; a soldier; to give out sweat or moisture; to do difficult, strenuous work; to toil, drudge for poor wages; to exude; to become coated with moisture; to worry, be anxious; to suffer penalty, smart; to give forth as, or like sweat; to cause to sweat; to squeeze money or extortionate interest from; to exact the utmost from; to wring evidence or confession from; to extract undue gains from, eg by removing gold from a coin; to compel to do hard work for meagre wages; to unite by the partial fusion of metal surfaces; to wet or soil with sweat, پگهر. پسينو اچڻ. عرق. پگهرجڻ. ڳهڻ. سخت پورهيو. ڏکي وانگر وهڻ. پيڙي سام ڪڍڻ. تيڪائي رهو. ڪڍڻ. پگهر وهڻ. پگهر آڻڻ واري محنت يا ورزش. پگهر وارو بخار يا بيماري. گمد گهڻ. لفري بزڪيري. گهل گينداڙ. لوچ پوچ. ترتڪڙ. هر قر. سپاهي. فوجي. محنت ڪش. محنت وارو ڪم. محنت ڪرڻ. ڳهڻ. پگهر ۾ شل ٿيڻ. پريشان ٿيڻ. فڪر مند ٿيڻ. نقصان سهڻ. ڏنڊ پرڻ. ڪمي پوراڻو ڪرڻ. پگهرائي ڇڏڻ. زبردستي حاصل ڪرڻ. جيڪو هجي سو ڪڍي وڃڻ. ڏمي خالي ڪرڻ. زبرستي باسرائڻ. سچي ڪرائڻ. نپوڙڻ. نپوڙي پورو ڪرڻ. ناجائزي ڪرڻ. ناجائز فائدو حاصل ڪرڻ. سڪي مان سون ڪڍڻ. ٿوري مزدوريءَ ۾ گهڻو ڪم وٺي ڳهائڻ. پيڙڻ. مختلف مادن کي ڳاري جوڙڻ. آلو ڪرڻ. پسائڻ. ڳهائڻ.

sweatband (سوئيٽ بئنڊ) **n.** the leather or similar band inside a man's hat; a band worn to absorb perspiration from the forehead; an absorbent wrist let worn by eg tennis players to prevent sweat running down to their hands, لوپيءَ اندر لڳندڙ چمڙي جي پٽي. پگهر چهندڙ پٽي. ڪارائيءَ جو پٽو.

sweat cooling (سوئيٽ ڪولنگ) **n.** cooling a component by evaporating fluid through a porous layer, پاڻي سڪائي ٺارڻ.

sweater (سَويٽر) **n.** a person who or animal, that sweats; a cause of sweating, eg a diaphoretic medicine; a heavy jersey for leisure wear, interval in exercise, one for reducing weight by sweating; someone who sweats coins or workers, پگهر آڻيندڙ. پسينو ڪڍندڙ. پسيني آور دوا. پيڙي ڪم وٺندڙ. پيڙو. سوئيٽر. گرم جرسي. گنجي. پيڙيندڙ. سڪن مان سون ڪڍندڙ.

sweater-girl (سوئيٽر گرل) **n.** a woman with a large bust, usu one wearing a tight-fitting sweater, وڏين ڇاتين واري عورت. تنگ ڪپڙا پهريل عورت.

sweat gland (سوئيٽ گلئنڊ) **n.** any of the glands producing sweat, پگهر جو غدود. پسيني وارو غدود. عرقي غدود.

sweating-sickness (سَوٽنگ سڪ نيس) **n.** an epidemic disorder (usu fatal) which ravaged Europe in the 15c and 16c, a violent inflammatory fever, with a fetid perspiration over the whole body, موسمي بخار. پسيني آور وبا. يورپ ۾ پندرهين ۽ سورهينءَ صديءَ واري هڪ وبا جنهن ۾ تمام گهڻو پگهر نڪرڻ ڪانپوءِ ماڻهو مري ويندو هو.

sweating system (سوئيٽنگ سسٽم) **n.** the practice of working poor people to starvation wages, for long hours, at home or in unhealthy rooms, ڀير بيگار سرشتو. پسيني آور نظام. غير صحت مندانہ ماحول يا حالتن ۾ گهڻو پورهيو وٺڻ ۽ ٿوري مزدوري ڏيڻ وارو نظام. بيگر وٺڻ.

sweat pants (سوئيٽ پينٽس) **n.** trousers of usu thick cotton material, with drawstring or elasticated waist and cuffs, as worn by athletes when warming up or after exercise, ٿلهي سوٽي ڪپڙي جو لباس. رانديگرن جو لباس. ورزشي لباس.

sweat-shirt (سوئيٽ شرٽ) **n.** a long-sleeved knitted cotton sweater, usu fleecy on the inside, سوٽي قميص. گنجي.

sweatshop (سوئيٽ شاپ) **n.** a factory or shop using sweated labour, بيگاري مزوريءَ واري جڳهہ. سخت پورهئي وارو صنعتي ادارو يا دڪان.

sweatsuit (سوئيٽ سَوٽ) **n.** a loose-fitting suit consisting of sweater and trousers, usu close-fitting at wrist and ankle, worn by athletes, ورزشي لباس.

ڪسرتي سوٽي لباس جيڪو مرين ۾ ڪارائين وٽ تنگ هوندو آهي. ورزش دوران پهرڻ وارو خاص لباس.

sweaty (سويٽي) **adj.** sweating; covered with sweat; causing sweat, پگهر آور، پسينو آڻيندڙ.

Swede (سوِيڊ) **n.** a native or citizen of Sweden; a Swedish turnip, a large buff-flowered, glaucous-leaved kind with yellow flesh; the Scandinavian language of Sweden; the natives or people of Sweden, سويڊن جو رهاڪو يا باشندو. ولائتي گوگڙو. گوگڙو نما بولو. سويڊن جي بولي.

swee or swey (سوِي) **n, vt, vi.** a sway, swerve or lurch; a children's swing; the horizontal iron bar which could be swung over an old fireplace, on which cooking vessels were hung; to sway; to swing, جهولو. پينگهو. لاڏو. لاڏندڙ. لاڏڻ. پينگهه کائڻ. چڪو. مَڪرامو. مچ مٿان بيهاريل سيخ جيڪا مٿين پاسي وريل هوندي آهي ۽ ان ۾ ڪنڊو لڳل هوندو آهي ته جيئن ان ۾ پچائڻ لاءِ ڪاڏي جو ٿانءُ يا ڪتلي وغيره لٽڪي سگهجي.

sweeny (سويني) **n.** atrophy of the shoulder muscles of a horse, eg following nerve injury, گهوڙي جي پٺن جي آڪڙ. نسن ۾ ڌڪ لڳڻ جي ڪري گهوڙن جي پٺن جي مُشڪن جو سڪ چڙهڻ يا سخت ٿيڻ.

sweep (سوِيپ) **vi, vt, n.** to pass swiftly or forcibly, esp with a swinging movement or in a curve; to move with trailing or flowing drapery, hence with pomp, indignation; to extend in a long curve; to range systematically or searchingly; to row with sweeps; to pass something brushingly over; to elicit by so doing; to pass brushingly; to wipe, clean, move or remove with a broom; to carry along or off with a long brushing stroke, swiftly or with force; to wipe out or remove at a stroke; to perform with a sweeping movement; to trail with a curving movement; to drag as with a net or rope; to describe, generate or swing through; an act of sweeping; a swinging movement, swing; onrush, surge; impetus; a clearance; range, compass; a curved stair; a curved drive in front of a building; a sweepstake, بهارڻ. وسعت. بهارو. صفائي. تيز گهمائڻ. ميڙڻ. چوهه مان جهومندو لنگهي وڃڻ. (پل) اڏائي گهلي وڃڻ. (گند ڪچرو) بهـاري ڪڍڻ. (وبا جو) چٽ ڪرڻ. (هٿ) گهمائڻ. (مٿان) تڪڙو لنگهي وڃڻ. (بد رسم) جهٽ ڪڍي ڇڏڻ. (چادر پٽ تان) گهلبي وڃڻ. چوڦير (اک) ڦيرڻ. ڦيرائتو لنگهه. ڪوپ. ضمو. ڪروڌ. جمي هلڻ. نظر وجهندو رهڻ. نظرداري ڪرڻ. خبرداري ۾ ڪان ڪم وٺڻ. برش وانگر شيءِ سان چنڊڻ. گهرڻ. ڪڻڻ. صاف ڪرڻ. بهارو گهمائڻ. زور زور سان هٿ يا بهارو هڻڻ. پير ڪڻڻ. نشان ڏسي هلڻ. ريڙهي ڪٽي وڃڻ. چڪڻ. جهولڻ. لاڏڻ. ڦرڻ. اچڻ وڃڻ. مؤج.

sweepback (سوِيپ بئڪ) **n.** the angle at which an aeroplane wing is set back relatively to the axis, (هوائي جهاز جي) پرن کي پوئتي ڪرڻ.

sweeper (سوِيپر) **n.** one who or a thing which, sweeps; (in football) a player in front of the goal-keeper who assists the defence, ڀنگي. مهتر. چُهڙو. بهاري. بهارو. شڪاري. ڏڪير. بهاريءَ وارو. بالشاهي. حلال خور. جهاڙوءَ وارو. (فوٽ بال رانڊ ۾) اهو رانديگر جيڪو گول ڪيپر جي مدد لاءِ انجي اڳيان بيهي.

sweeping (سوِيپنگ) **n. adj.** things collected by sweeping, rubbish; performing the action of sweeping in any sense; of wide scope, wholesale, indiscriminate, گند. ڪچرو. ٻهر. سڀ اڏائي گهلي ويندڙ. گهڻن کي لوڙيندڙ. بنا ڇنڊ ڇوٽ جي. بنا سوچ سمجهه جي (بيان ڏيڻ يا ڳالهائڻ).

sweep-net or –seine (سوِيپ نيٽ آر سين) **n.** a long net paid out in a curve and dragged ashore; an insect net with a handle, ٽري ۾ ٻهـاريءَ يا چادر وانگر سڀ شيءِ ٻهاريندڙ يا ڪٺندڙ جاري.

sweep saw (سويپ سا) **n.** a turning-saw, گهمندڙ آرو. گول ڪارائي. مشيني ڪارائي.

sweepstake or sweepstakes (سوِيپ اسٽيڪ آر اسٽيڪس) **n.** a method of gambling by which participators' stakes are pooled, numbers, horses assigned by lot, and prizes awarded accordingly on decision of event; such a prize or race, (گهوڙي ڊوڙ تي) لڳايل گڏيل داءُ. جمع ڪيل رقم حصي جي حساب سان ورهائڻ. اهڙي شرط رکڻ. شرط جي رقم.

sweep-washer (سوِيپ واشر) **n.** a person who recovers gold or silver from the sweepings of refineries, تيل صاف ڪرڻ واري ڪارخاني جي ڪچري مان سون ۽ چاندي ڳوليندڙ.

sweer or sweir (سوِير) **adj.** slothful; loth, آرسي. ٽوٽي. وسائو. ڪاٽ. سست. بي دليو.

sweet (سوِيٽ) **adj, adv, n, vt.** having one of the fundamental varieties of taste, that of sugar, honey, ripe fruits; sugary; pleasing to the taste, senses or feelings; fragrant; clear and tuneful; smoothly running; easy, free from harshness, benign; (of water) fresh, not salt; (of milk) fresh, not tainted; (of wine, ale) not dry or bitter, retaining a sugary or fruity flavour; wholesome; gracious; amiable; mild, soft, gentle; delightful, charming; all right; satisfactory; dear, beloved; ingratiating, often in-

sipidly; cloying or sickly in taste, smell; more or less enamoured; that which is sweet; a sweet dish as a course; sweetmeat, confection, esp a boiled sweet; (a form of addressed used to) a beloved person; to sweeten, مٺو، مٺائي، شيرين، ونندڙ، سڄر، مدر، مٺاڻ، مٺو لولو، جليب، لذيذ، معطر، لبيب، خوش (سر)، خوشبودار، مٺائي، سگنڌيو، سَرهو، موچارو، موهڻو، مدر، تازو، ساجن، لاڻ، دلبر، ڍولڻ، محبوب، مٺا مال، مٺو ڪرڻ، ونندڙ، مزيدار، سوادي، پسنديده، مناسب وهڪرو، (پاڻي) تازو ۽ مٺو، صحت بخش، صاف سٿرو، مهربان، رحيم، سُندر، لطيف، موهيندڙ، شفقت آميز، ڪل مڪ، سڀاجهڙو، هر دل عزيز، نرم، ڪونئرو، ڪومل، سليم، حليم، جهڙو، سانتيڪو، ملائم، دل گهريو، من گهريو، خاطريءَ جهڙو، دلپسند، پيارو، ڪنمڙو.

sweet-and-sour (سَوِيٽ اينڊ سَار) **adj.** cooked with sugar and vinegar or lemon juice; (in Oriental cookery) having a seasoning of sugar, vinegar, soy sauce etc, مٺو ۽ چهرو ڪاڌو، ڪنو مٺو ڪاڌو، ليمي جي رس، مٺاڻ ۽ سرڪو پيل ڪاڌو.

sweet-bay (سوئيٽ بي) **n.** the laurel; a kind of magnolia, چمپڪ ٻوٽو، سهڻي گل وارو وڻ، چمپا گل.

sweet-bread (سوئيٽ بريڊ) **n.** the pancreas or sometimes the thymus, esp as a food, شير مال، مٺي مالي، بسري، لبلبو.

sweet-brier or **–briar** (سوئيٽ براير) **n.** a wild rose with fragrant foliage, جهنگلي گلاب ٻوٽو.

sweet Cicely (سوئيٽ سسلي) **n.** an aromatic umbelliferous plant, خوشبودار گلن وارو ٻوٽو.

sweet corn (سوئيٽ ڪارن) **n.** a sweet variety of maize; the yellow kernels of this, eaten as a vegetable, مٺي جوئر، ڪاچرو مڪئي، مٺي مڪئي.

sweeten (سَويٽن) **vt.** to make sweet; to mitigate something unpleasant; to pacify, make a person agreeable, مٺو بڻائڻ، لذيذ ٿاهڻ، شيرين ڪرڻ، شيرڻي ٿاهڻ، نرم ڪرڻ، ڏک گهٽائڻ، ٺارڻ، پرچائڻ، مڃائڻ راضي ڪرڻ.

sweetener (سَويٽنر) **n.** a substance that sweetens, esp one not containing sugar; a person who sweetens; a bribe, مٺو ڪندڙ، ٻنا کنڊ وارو مٺاڻ، رشوت، خوش ڪندڙ.

sweet-flag (سَويٽ فلئگ) **n.** an aromatic araceous pond-plant, ڪني ڪائي (ٻوٽو)، پاڻيءَ ۾ ٿيندڙ خوشبودار ٻوٽو.

sweet-gale (سوئيٽ گيل) **n.** bog-myrtle, a low-growing aromatic shrub found in bogs, سَرهي ميندي، سَرهي هوا، ٻوسلي حنا ٻوٽو، ڍنڍ يا ٻوسل ۾ ٿيندڙ خوشبودار ٻوٽو.

sweet gas (سوئيٽ گئس) **n.** hydrocarbon gas without sulphur compounds, مٺي گئس.

sweet-heart (سوئيٽ هارٽ) **n.** a lover or beloved; to court, محبوب، معشوق، دلربا، ساجن، لاڻ، پرين، ڍولڻ.

sweetie or **sweety** (سَويٽي) **n.** a sweetmeat, item of confectionary; a sweetheart; a large seedless citrus fruit with greenish-yellow skin, its pulp sweeter than that of the grapefruit, مٺائي، محبوب، ڍولڻ، معشوق، گريپ فروٽ کان وڌيڪ مٺو ميوو، انگور جهڙو مٺو، ٻنا ٻج جي ترش ميوي جو قسم جيڪو انگورن کان وڌيڪ مٺو هوندو آهي.

sweeting (سَويٽنگ) **n.** a sweet apple; a darling, مٺو صوف، مٺو (ماڻهو)، محبوب، پرين.

sweetmeal (سَويٽ ميل) **n.** (of biscuits) made of whole meal and sweetened, مٺو بسڪوٽ، مٺي مالي، مٺي لڪي.

sweetmeat (سَويٽ ميٽ) **n.** any confection made wholly or chiefly of sugar; any sweet food, مٺائي، برفي، حلوو، پيڙو، جليبي، وڙو.

sweet-oil (سَويٽ آئل) **n.** olive-oil; rape-oil; any oil of mild pleasant taste, مٺو تيل، سَرهو تيل، روغن زيتون.

sweetpea (سَوئيٽ پي) **n.** a S European papilionaceous garden plant with bright-coloured fragrant flowers, مٺو مٽر، سَرهو مٽر، مٺا ولائتي، مٽر، مٽر ڦري.

sweet potato (سَوئيٽ پوٽي ٽو) **n.** batata; a tropical and subtropical twining plant of the convolvulus family; its large sweetish edible tuber, شڪر قند، لاهوري گجر، نانگيلي گجر، ڪهو گجر (ٻوٽو).

sweet-scented (سوئيٽ سين ٽيڊ) **adj.** having a sweet-smell, سٺي خوشبو وارو، مٺي خوشبو وارو.

sweetsop (سوئيٽ اسپاٽ) **n.** a tropical American evergreen; its pulpy fruit, سدا بهار وڻ ۽ ان جو ميوو.

sweetspot (سوئيٽ ساپ) **n.** a spot on a golf club, tennis or squash racket, where for best effect and control the ball should ideally make contact, گولف جي چڙي، ٽينس ۽ اسڪواش جي رڪيٽ جو اهو هنڌ جتي جيڪر بال ٽڪرائي ته انجو بهترين ۽ ڀرپور اثر ٿئي.

sweet stuff (سوئيٽ استف) **n.** confectionary; sweetheart; as a term of address, مٺائي، مٺا ڪاڏا، ڪنمڙا، مٺيون لکيون، مٺو ماڻهو، محبوب.

sweet talk (سوئيٽ ٽاڪ) **n.** flattery, persuasion, پڌاءُ، اجائي خوشامند، ٿلهي ٺوڪ، راضي ڪرڻ جو عمل.

sweet toothed (سوئيٽ ٽوٿڊ) **adj.** fond of sweet things, مٺاڻ جو شوقين.

sweet-water (سَوئيٽ واٽر) **adj.** freshwater; a very sweet white grape, مٺو پاڻي، تازو پاڻي، مٺو انگور، اڇو انگور.

sweet william (سوئيٽ وليم) **n.** a garden pink with bearded petals, خوشبودار ٻوٽو.

sweet willows (سَوئيٽ ولوز) **n.** any of various trees, eg

bay-laved sweet willow; sweet-gale, پوسلي حنا، پوسلي بيد (وڻ).

sweet wood (سُوئيٽ ووڊ) **n.** a name for various S American and W Indian lauraceous trees, ملي ڪاٺ جا وڻ.

sweet-wort (سوئيٽ ورٽ) **n.** (in beer making) sweet-flavoured wort, before the addition of hops, (بيئر ناهڻ ۾ ڪم ايندڙ) بوٽو.

swelchie (سُويلِڇي) **n.** a whirlpool; a tidal race, ڪُن. لهرون، لهرن جي راند.

swell (سُوَيل) **vi, vt, n.** to expand; to increase in volume; to be inflated; to bulge out; to grow louder; to rise into waves; to heave; to well up; to rise and fall in loudness; to be bombastic; to be elated or dilated with emotion; to give a feeling of expansion or welling up; to augment; to expand; to dilate; to fulfil; to louden; to elate; act, power, habit or condition of swelling; distension; heaving; a bulge; an enlargement; a loudening; a device in an organ for varying tone; an area of gently rising ground, an incline; a dandy; a fashionable or finely dressed person, سُڄڻ، ٻوٽرجڻ، ڦندجڻ، ڦوڪجڻ، اپرڻ، وڌڻ، وڌائڻ، وڏي لهر، آماسجڻ، سُڄي اٿي بيهڻ، ڀپ، ٻيٽ لڪرڻ، اُڀرجڻ، اپامڻ، ڦنڊائڻ، (سمنڊ) اٿڻ، (پشو) وڌڻ، زور ونائڻ، ڦهلائڻ، سُڄائڻ، چاڙهو، ورم، سوڄ، آچارو، چاڙهه، چاڙهي، اپڪپري جاءِ، لٽو نٽون، ڦندڙي، فيشني، شوقين، لخري باز، وير چڙهڻ، خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ نه ماپڻ.

swell box (سُوَيل باڪس) **n.** (in an organ) a chamber containing a set of pipes or reeds, which is opened or closed by the swell, لهرن کي گهٽائڻ وڌائڻ واري ساز جي پيتي يا مرڪز.

swelled head (سُويلڊ هيڊ) **adj.** self-conceit, esp in someone carried away by success, پاڻ پڏائڻ، ڦوڪ، مغز ۾ واءُ ڀرجي وڃڻ، ڪاميابي جي خوشيءَ جي ڪري وڏائي ڪرڻ.

swell-mob (سُويل ماب) **n.** well-dressed pickpockets collectively, سوٽيل بوٽيل يا سٺي پوشاڪ پهريل کيسي ڪترڻ وارا ماهر، غير شڪي جيب ڪترا.

swell-organ (سُويل آرگن) **n.** the pipes enclosed in the swell box, ساز جا آواز ڪڍندڙ حصا.

swelt (سُويلٽ) **vi.** to die; to faint; to swelter; to pass like a fever, مرڻ، بيهوش ٿيڻ، مورڇل، بخار ۾ ڦهل ٿيڻ، ڪاڙهو، رڳهه.

swelter (سُوَيلٽر) **vi, vt, n.** to endure great heat; to sweat copiously or feel faint or oppressed by heat; to exude; to overpower, as with heat; a sweltering; a sweating; sweltered venom, رجهڻ، ماندو ٿيڻ، گرميءَ ۾ ماندو ٿيڻ، ڪڙهڻ، تپڻ، گرمجڻ، ڪاڙهو، رڳهه، پوسات.

swerve (سُوَرو) **vi, vt, n.** to turn aside; to deviate, esp to change course suddenly; to give way, shrink; to swarm, scramble; to deflect; to cause a ball to swerve in the air; a turning aside; a sudden deviation; a deflection; a ball that swerves in the air; the act or trick of making it do so (cricket), لڙڻ، مڙڻ، پاسو ڪرڻ، ٿڙڻ رستي کان ڦرڻ، ڦرڻي ڪائڻ، گوهي ڪرڻ، ور، ڏنگ، موڙ، وڪڙ، هوا ۾ گول ڦرندڙ بال، بال کي هوا ۾ گول ڦيرائڻ (ڪرڪيٽ ۾).

sweven (سُو يوَن) **n.** a dream, خواب، سپنو.

swidden (سُويڊن) **n.** an area of land made cultivable by cutting or burning off the vegetative cover, زمين جو گاهه ڪند ساڙي آباديءَ لائق بنائڻ.

swift[1] (سُوِفٽ) **adj, adv, n.** fleet, rapid; speedy; prompt; swiftly; a bird superficially like a swallow but structurally nearer the humming-birds and goatsuckers; any bird of its genus or family; the common newt; a reel for winding yarn; the main cylinder of a carding-machine; a rapid, تکڙو، تيز رفتار، چوٽ، چوهو، تيز، تکو، جلد، اوپٽو، وکڙيو، چالڪهو، ڊوڪٽو، ننڍا ابابيل پکي، پاڻيءَ جي هڪ هار ڪرڙي، تيز پَرَ رَءُ، پيڻ واري مشين جو گول ڊرم، پاڻيءَ جو تيز وهڪرو، چوهه، سٽ ويڙهڻ لاءِ ريل.

swift[2] (سُوِفٽ) **vt.** to tighten with a rope, (رسو وجهي) چڪڻ، ويندو وجهڻ، ٻڌي قابو ڪرڻ.

swifter (سُوِفٽر) **n.** a rope used to tighten or keep a thing in its place, ٻڌڻ لاءِ رسي، ڏاوڻ، رسو.

swiftlet (سوِفٽ ليٽ) **n.** a bird a species of swift; the builder of edible nests, ابابيل جنس جا پکي، تيز اڏامندڙ پکي.

swig[1] (سُوِگ) **n, vt.** a pulley with ropes not parallel; to tighten by hauling at right angles; to castrate (eg a ram) by ligature, رسي چڪڻ واري پُلي، رسو ٻڌڻ، خصي ڪرڻ، رسيءَ رستي کسي ڪرڻ.

swig[2] (سُوِگ) **n, vt, vi.** a deep draught of (esp alcoholic) drink; toast and ale; a wassail; to take a swig or swigs of or from; to drink, take swigs, شراب جي سُرڪي، سرڪيون چاڙهڻ، سُرڪين سان پيئڻ، پيگ پيئڻ.

swill (سُوِل) **vt, vi, n.** to rinse; to dash water over or around; to wash; to drink greedily or in quantity; a large draught of liquor; hogwash, رڌڻي جي اوڪهه سوڪهه، اوباريل ڪاڏو، اوبر سوبر، ڏوکهه ڏوکهه ڪرڻ، خوب پيالا

چاڙهڻ، هيج ڪري پيڻ، وڏا ڏڪ پرڻ.

swim (سَوِم) **vi, vt, n.** to propel oneself in water or other liquid; to come to the surface; to travel or be conveyed by water; to be suffused; to be immersed or steeped; to glide smoothly; to be dizzy; to pass or cross by swimming; to cover a distance by swimming; to cause to swim or float; to test for witchcraft by immersion; an act, performance or spell of swimming; any motion like swimming; the general movement or current of affairs; a crossing-place for swimmers, ترڻ، ٽبڻ، ٽبڪڻ، غوطو يا گهوتو کائڻ، (مٿو) ڦرڻ، (تنبي تي) سنڌڻ، اکين اڳيان آنڌي اچڻ، چڪر، پوالٽي، تارڻ، تري وڃڻ، ترڻ واري جڳهه، تري پار ڪرڻ، حالتن جو هڪ طرف وڃڻ، مختلف نمونن سان ترڻ، ترڻ واري نموني هلڻ چلڻ، ترندڙ جي لاءِ تري ٽپڻ يا اڪرڻ واري جاءِ، هـام هلچل، موجوده حالتون.

swim-bladder (سَوِم بليڊر) **n.** a fish's air bladder, مڇيءَ جو ڦوٽو، هوائي ٿيلهي.

swimmert (سَومرٽ) **n.** a crustacean's abdominal appendage used in swimming, ترڻا پير، ترڻا عضوا.

swimming bath (سَومنگ باٿ) **n.** an indoor swimming pool, چوديواريءَ اندر ترڻ وارو تلاءُ، (پاڻيءَ جو) وهنجڻ لاءِ تلاءُ.

swimming bell (سَومنگ بيل) **n.** a medusoid modified as a swimming organ, ترڻ وارو عضوو، تاريندڙ عضوو.

swimming costume (سَومنگ ڪاسٽيوم) **n.** swimsuit, ترڻ جا ڪپڙا، تلاءُ بر وهنجڻ لاءِ ڪپڙا، مختصر ڪپڙا.

swimmingly (سَومنگلي) **adv.** in a gliding manner as if swimming; smoothly, successfully, ترڻ واري نمو، آرام سان هلڻ، ڪاميابيءَ سان پار پوڻ، آرام سان ڪامياب ٿيڻ.

swimming pool (سومنگ پول) **n.** an artificial indoor or outdoor pool for swimming, وهنجڻ لاءِ تلاءُ.

swimsuit (سَوِم سوٽ) **n.** a garment worn for swimming, a one-piece woman's garment of stretch fabric, covering the torso only, وهنجڻ جا ڪپڙا، (عورت جا) تلاءُ بر وهنجڻ لاءِ مختصر ڪپڙا، هڪ ڪپڙي جو وڳو، دڙ ڍڪيندڙ ڪپڙو.

swimwear (سَوِم ويئر) **n.** (in shops, fashion magazines) garments worn for swimming, وهنجڻ جي ڪپڙن جو دڪان يا اشتهار.

swindle (سَوِنڊل) **vt, n.** to cheat; a fraud; anything not really what it appears to be, ٺڳڻ، ڦرڻ، ٺڳي، دغا، ٺڳ، ڏتارڻ، ڏهو ڏيڻ، ٺڳي ڪرڻ، بهروپ.

swindler (سونڊلر) **n.** a cheat, ٺـڳ، دوکي بـاز، ڏوپي بـاز، ڏوپائي، بهروپيو.

swine (سَوائن) **n.** a pig; a term of strong abuse; a sensual person, سوئر، مرون، خنزير، ڪنو (ماڻهو)، آکهوريءَ ذات، شهوتي ماڻهو.

swine fever (سَوائن فيور) **n.** hog-cholera, a highly contagious disease of pigs due to a virus, سوئر جي ڦهلجندڙ بيماري، سوئر جو تپ.

swine herd (سَوائن هرڊ) **n.** a person who herds pigs, سوئر چاريندڙ.

swine-pox (سَوائن پاڪس) **n.** a form of chicken-pox; a viral skin disease of pigs, سوئر جي ننڍي ماتا جهڙي بيماري، خنزيري ماتا.

swinery (سَوائنري) **n.** a place where pigs are kept; swinishness; swine collectively, سوئرن جو وٿاڻ، ٿر، سَوئر پالڻ.

swine's cress (سَوائنس ڪريس) **n.** a cruciferous weed of waste places; applied to various other plants, جهنگلي گاهه، جهنگلي بوٽا.

swine's succory (سَوائين سَوڪري) **n.** a small plant related to chicory, ڪاسني گاهه جهڙو بوٽو.

swinestone (سَوائين اسٽون) **n.** stinkstone, بد بوءِ دار پٿر، خنزيري پٿر.

swinesty (سَوائنسٽي) **n.** a pig-sty, ٿر، وٿاڻ.

swine vesicular disease (سوائين ويسڪيولر ڊزيز) **n.** a highly contagious viral disease of pigs, causing sores on the skin of the feet, legs and mouth, سوئر جو سَمهڙو (بيماري).

swing (سَوِنگ) **vi, vt., n.** to sway or wave to and fro, as a body hanging freely; to amuse oneself on a swing; to oscillate; to hang; to be hanged; to sweep, wheel, sway; to swerve; to move with a swaying gait; (of a ship) to turn round (eg to test the compass); to attract, excite or be perfectly appropriate to place or mood; (of a person) to be thoroughly responsive; to be lively or up-to-date; to take part in sexual activity on an uncommitted basis; to cause to swing; to set swinging; to control; to sway; to hurl, whirl; to brandish a weapon; to transport in suspension; to move in a sweep; to perform as swing-music; to fix up so as to hang freely; to influence the result of a doubtful election or decision; an act, manner or spell of swinging; oscillating, waving, sweeping motion to and fro; shift from one position; to a markedly different one; the sweep or compass of a swinging body; the sweep of a golf club; a suspended seat or carriage for the amusement of swimming; a re-

versal of fortune; the movement of voters from one party to another, جھولڻ، اچڻ وڃڻ، لڏڻ، لوڏڻ، پينگھہ لڏڻ، ڦرڻ، ترار هلائڻ، ڦيرائڻ، گھمائڻ، لوڏو ڏيڻ، جھول، جھولو، چڙواڳ، پينگھہ، جھوٽ جھوٽان، خوب جاري هئڻ، بانڪ، جھولڻو، (قسمت جو) ڦيرو، (ووٽرن جو) هڪ پارٽي ڇڏي ٻيءَ طرف رخ ڪرڻ، چونڊن جي نتيجي تي اثرا انداز ٿيڻ، لڏندڙ، جھولندڙ، هڪ هنڌان ڪٽي ٻئي هنڌ رکڻ، مختلف جاءِ تي رکڻ، گولف جي ڏنڊي سان ڌڪ هڻڻ، پينگھو، چوڏيل، قسمت جو ڦيرو، قسمت جو چڪر، پاڳ جي پيڙ، ووٽرن جو سياسي رخ مٽائڻ، ڌيان ڇڪائڻ، راغب ڪرڻ، خوش ڏيارڻ، مهل ۽ موقعي سان بلڪل موافق هجڻ، مڪمل طرح سان موٽ ڏيندڙ، موجوده حالتن پٽاندڙ هجڻ، شاديءَ کان ٻاهر عورت ۽ مرد جو سنجوڳ ڪرڻ، هتيار آلارڻ، تيزيءَ سان اڳتي پٺتي ٿيڻ، ڇڪو ٻڌڻ، ڪنهن شڪي چونڊ يا فيصلي تي اثر انداز ٿيڻ.

swing-back (سوِنگ بئڪ) **n.** a reaction; a camera back that can be tilted, پوئتي لاڏندڙ، پوئتي ۽ هيٺ ٿيندڙ ڪئميرا.

swing boat (سوِنگ بوٽ) **n.** a boat-shaped swinging carriage for fairs etc, لاڏندڙ ٻيڙي، ٻيڙي شڪل پينگھو يا جھولو، چوڏيل.

swing-bridge (سنگ برج) **n.** a bridge that may be opening by swinging it to one side, جھولندڙ پل، لاڏندڙ پل، کولي ۽ جوڙي سگھڻ واري پل.

swing-by (سوِنگ بئي) **n.** the passing of a spacecraft near a planet in order to use its gravitational field to change course, خلا ۾ ويندڙ جهاز جو گرهہ جي ويجھو ٿي لنگھڻ.

swing-door (سوِنگ ڊور) **n.**, a door that opens either way and swings shut by itself, ٻنهي طرفن کلڻ وارو دروازو.

swinge (سوِنج) **vt.** to beat; to chastise; to lash, sway, flourish, ڪٽڻ، گڏارڻ، (ڌڪ) ٺهڪائڻ، ڪٽڻ، مار ڏيڻ، سزا ڏيڻ، گھمائڻ، ڦيرائڻ، ڦهلائڻ، ليڙڻ، پکيڙڻ.

swingeing (سوِنجنگ) **adj.** great, huge, thumping severe, drastic, وڏو، ڳاٽي ٻڌو، ڳرو، سخت، زوردار، ٺهڪائيندڙ، ٺهڪائيندڙ.

swinger (سوِنجر) **n.** any great or astonishing person or thing; a bold lie, a whopper, حيران ڪندڙ ماڻهو يا شيءِ، وڏو ڪوڙ، وڏو زٽ، ڪليو ڪلايو ڪوڙ.

swinging (سوِنجنگ) **n. adj.** the act of moving to and fro in suspension, esp as a pastime; hanging; the practice of unrestrained sexual activity, esp in groups, swapping partners; hanging by hooks, as by a Hindu devotee; swaying; turning; with a swing; having a free easy motion; with it, fully alive to, and appreciative of the most recent trends and fashions in living; up-to-date; lively; sexually promiscuous, جھولڻ، لڏڻ، ڦاهي چاڙهڻ، جماع جي محفل ۾ ان ۾ ساٿي مٽائڻ يا مٽ سٽ ڪرڻ، لنگڻ، هوا ۾ لڙڪائڻ، لاڏندڙ، جھولندڙ، فيشني، جنسي بي راهہ رو، شهوتي، فحش، جنس پرست.

swinging-post (سوِنجنگ پوسٽ) **n.** the post to which a gate is hung, (دروازي جي) مٿاڙي، ٻانهين.

swingle (سوِنگل) **n.** a scutching tool; the swipple of a flail; to scutch, سوٽو، ڏڪو، سٽڻ، ان سٽڻ جو سوٽو، ساٽو، چڙهو، لٺ.

swingle-bar or **swingletree** (سوِنگل بار آر ٽري) **n.** a whippletree; a swing-stock, لٺ، ساٽو، چڙهو، چهبڪي وڻ.

swingle-hand (سوِنگل هئنڊ) **n.** a scutching tool, سوٽو، ساٽو.

swingling stock (سوِنگلنگ اسٽاڪ) **n.** a swing stock, لٺ، ڏڪو، چڙهو، سوٽو.

swingometer (سوِنگو ميٽر) **n.** a device which shows the direction and extent of the current swing of the counted votes in an election; having swing, لاڏندڙ ووٽن جي ورچ ٻڌائيندڙ سرشتو.

swing plough (سوِنگ پلو) **n.** a plough without a fore-wheel under the beam, لڙڪايل هر، ڇار هر، ڏڪن سان هلائڻ وارو هر.

swing-shelf (سوِنگ شيلف) **n.** a hanging shelf, لڙڪندڙ خانو، ٽنگيل خانو، ڇڪو.

swing shift (سوِنگ شفٽ) **n.** the work shift between the day and night shifts (eg from mid-afternoon till midnight); the workers allocated to this shift; the workers employed to take irregular shifts over a seven-day week to enable other workers to work a regular five-day week, غير مقرر ڪم جو وقت، سهوليت مطابق ڪم تي اچڻ ۽ مقرر ڪلاڪ پورا ڪرڻ جو سرشتو، ڪارخانن ۾ مختلف ادارن ۾ ڪم جي لن ڏورن مان وچ وارو ڏور جيڪو ٽيهريءَ جو ڇئين بجي کان رات جي ٻارهين بجي تائين هوندو آهي.

swing-swang (سوِنگ سوانگ) **n.** a complete to and fro oscillation, پورو ڦيرو، پورو چڪر.

swing tree (سوِنگ ٽري) **n.** a whipple tree, چهبڪي وڻ.

swing wheel (سوِنگ وهيل) **n.** the wheel that drives a clock pendulum, گھڙيال جي لاڏندڙ اوزار جو ڏوليندڙ ۽ لڏڪاءُ هڻڻ وارو ڦيٿو.

swinish (سوِنش) **adj.** of or like swine; sensual; filthy; voracious; beastly, سوئر جھڙو، گندو، گندو، بد عادتو، حيوان، هيڄي، درلدو.

swink (سوِنڪ) **vi, n.** to toil; toil, وَهڻ، ڪَهڻ، هڄڻ، ڪپڻ، ڳهڻ، سخت پورهيو، ڪشالو.

swipe (سوائيپ) **n, vt, vi.** a sweeping stroke; a swath;

to purloin, steal; to strike with a swipe; to pass a credit or debit card through an electronic reading terminal; to gulp; to make a swipe; to sweep for old anchors, (ڪرڪيٽ ۾) بيٽ سان ڌڪ هڻڻ، ڌڪو هڻڻ، چوري ڪرڻ، ڦرڻ، ڪريڊٽ ڪارڊ مشين ۾ وجهڻ، پراڻيون شيون ڳولڻ، (سمنڊ مان) پراڻا لنگر ڳولڻ.

swipes (سوائيپس) **n.** bad or spoilt beer; small beer, خراب ٿيل بيئر، سادو بيئر، هلڪو بيئر.

swipey (سَوائيپي) **adj.** fuddled with malt liquor, گهڻو بيئر واپرائڻ ڪري مدهوش، شراب جي نشي ۾ چور، سمجهه کان عاري.

swipple (سَوپل) **n.** a swingle or striking part of a flail, سوٽيءَ جو ڌڪ هڻڻ وارو حصو، ساڻي جو ڌڪ هڻڻ وارو حصو، ٽاڻي جو منهن.

swire (سَواير) **n.** (in place names) a hollow between two hills, ٻن جابلو ٽڪرين جي وچ وارو خالي يا هيٺاهون حصو، ما ٿري، وادي، لڪ.

swirl (سَورل) **n, vt, vi.** an eddy; a whirl; a curl; to whirl; to wind; to eddy; to whirl; to spin, گرداب، گهيرو، ڪُن، چڪر، واچوڙو، ڪُن جو گهمرو، ڪُن جو وٽ، لوڏو، جهولو، گهمري، وٽ.

swirl vanes (سَورل وينس) **n,** vanes that cause a swirling motion in the air entering a gas-turbine combustion chamber, (انجڻ ۾ هوا ڏيڻ وارا) باد نما، هوا پرکنو.

swish[1] (سَوش) **n, vi, vi, adv.** a prolonged and rushing sibilant sound, such as is produced by branches being swept to and fro by the wind, or by fabric brushing along the ground; dashing spray; a cane or birch; to whisk with a swish; to flog, thrash; to make or go with a swish; with a swish. (هوا جي زور تي) شاخن جو لڏڻ ۽ انهن جو آواز، (ڪپڙي جو زمين تي) گسڻ جو آواز، ڦوهاري جو آواز، چهبڪ جو آواز، شرڙاٽ، شرڙاٽ ڪرڻ.

swish[2] (سَوش) **adj.** smart, stylish, چالاڪ، برجستو، چرڳند، حاضر جواب، شون شان وارو، ٺهڪتو ڦهڪتو، ناموڪو، ديداري.

Swiss (سَوِس) **n.** of or from Switzerland; a native or citizen of Switzerland, سئٽزرلئنڊ جو باشندو، شهري يا رهاڪو.

Swiss cheese plant (سَوِس چيز يا پلانٽ) **n.** a tropical climbing plant with large, thick, perforated leaves, often grown as a house plant, ول جو قسم، وڻ، موڪرن ۽ ٿونگر پن واري گهريلو ول.

Swiss roll (سَوِس رول) **n.** a thick cake of sponge rolled up with jam, cream; a flexible floating pier, رول، ڪريم رول، ملو رول، پيسٽري.

swissing (سَوِسنگ) **n.** ordinary calendering of cloth, ڪپڙي تي ڪلف چاڙهڻ.

switch (سَوِچ) **n, vt, vi.** a long flexible twig; a tapering riding-whip; a rod, cane; an application of switch; a brushing blow; a whisk, jerk; a tool for beating eggs or cream; a tress, usu false; the tuft of an animal's tail; a movable rail for shunting; a changeover (in cards); a device for making, breaking or changing an electric circuit; a switchboard; a turn of a switch; to strike with a switch; to drive with or as if with, a switch; to whisk, jerk, lash; to beat up, whip cream or egg; to prune; to shunt; to divert; to turn off; to race a horse under the name of another horse; to use a switch; to turn aside; to change over; to whisk, بٽڻ، سوئچ، ڪانٽو، ڇهو، ڇڙهي، چهبڪ، بيد، بٽڻ دٻائڻ، الدن کي ملائڻ وارو اوزار، چڳ (وارن جي)، پڇ جو وار، رائل ۾ مقابلو ڪندڙ، بجليءَ جو بٽڻ، ڇڙهي هڻڻ، چهبڪ هڻڻ، ڌڪ هڻڻ، مارڻ، الدا ملائڻ، هڪ گهوڙو ٻئي گهوڙي جي نالي سان ڊوڙائڻ، چڪر ڪارائڻ، پچ لوڏڻ، هيٺ مٿي ڪرڻ، ابتو سبتو ڪرڻ، سوئچ جو استعمال ڪرڻ، مٽائڻ (رستو، دڳ، واٽ)، ڦيرائڻ، جهبڪو هڻڻ، چهبڪ هڻڻ، ٻهاري ڏيڻ، ميڙڻ، چالڳڻ، ريل جي گاڏن کي ملائڻ.

switchback (سَوِچ بئڪ) **n.** a zigzag mountain railway on which the train shunted back at each stage; an up-and-down track on which cars rise by the momentum gained in coming down; an up-and-down road, جابلو لڪن ۾ ناهيل وروڪڙ ريلوي جو سرشتو (جيئن لنڊي ڪوتل کان خيبر لڪ تائين)، اهڙي طريقي سان ريل گاڏين کي اُتاهين تي چڙهڻ ۾ مدد ملي ٿي، واپس ساڳي حالت ۾ آڻڻ، هيٺ مٿي دڳ.

switchblade knife (سوئچ بليڊ نائيف) **n.** a flick-knife, بٽڻ وارو چاقو، دٻائڻ سان کلڻ وارو چاقو.

switchboard (سوئچ بورڊ) **n.** a board or frame bearing apparatus for making or breaking an electric current or circuit; a board for connecting telephones, بٽڻن جو بورڊ، بجليءَ جي بٽڻن جو بورڊ، فون جي لائين جو بورڊ، بٽڻ تختي، برقي يا فون تختو.

switchel (سوچيل) **n.** treacle-beer, a drink of molasses and water; cold tea, هلڪو بيئر، سادو بيئر، ٿڌي چانهن.

switch gear (سَوِچ گيئر) **n.** the apparatus that controls the switches in the electric circuits of a power station, بٽڻ ڪاري اوزار، گهڻن بٽڻن وارو برقي اوزار.

switchman (سَوِچ مئن) **n.** a pointsman, ڪانٽو بٽڻ هلائيندڙ، مٽائيندڙ.

switch-over (سوچ اوور) **n.** a changeover, بٽڻ هلائي نظام کي هلائڻ، تبديل ڪرڻ، برقي بٽڻ ذريعي عمل.

switch-plant (سَوِچ پلانٽ) **n.** a plant with long slim green shoots, the leaves reduced or sparse, ڇهبڪ وانگر شاخن وارو وڻ، ڇهبڪي وڻ، بيد جو وڻ.

switch selling (سوچ سيلنگ) **n.** the practice of arousing the interest of a prospective buyer by offering a low-priced article, then describing the shortcomings of the cheap article and trying to sell the customer a more expensive one, شين جي وڪري جو نمونو، هڪ سادي شيءِ ڏيکاري انجون اوڻايون بيان ڪري الڪان پوءِ سٺي يا مهانگي شيءِ وڪڻڻ.

swith (سَوٿ) **adv, interj.** quickly; at once; away, جلدي، ڦٽا ڦٽ، اتي جو اتي، جهٽ پٽ.

swither (سوڌر) **vi, n.** to be undecided; indecision; flurry, فيصلو نہ ڪري سگهڻ، اجائي هر ڪر.

swive (سَوائو) **vt.** to make love to, have sexual intercourse with a female, مباشرت ڪرڻ، ڪڏ ٿيڻ، لڳ ڪرڻ، جماع ڪرڻ، جهڻ، سنجوڳ ڪرڻ، عورت سان جنسي عمل ڪرڻ.

swivel (سَوائول) **n, vt, vi.** a ring or link that turns round on a pin or neck; a swivel-gun; to turn on a pin or pivot, ڦرلدڙ ڪنڊو، پوئرڪلي، بندوق يا توب جا موڙي سگهجي، زنبورڪ، چوڙ چلو.

swivel-block (سَوائول بلڪ) **n.** a block on which a swivel is mounted, ڪنڊو لڳائڻ لاءِ تختو.

swivel-chair (سَوائول چيئر) **n.** a chair with a seat that swivels round, ڦرلدڙ وهڪ واري ڪرسي، گول ڦرلدڙ ڪرسي.

swivel-eye (سَوائل آءِ) **n.** a squint-eye, ليڏو، اک جي ليڏاڻ.

swivel-gun (سَوائل گن) **n.** a gun that turns on a pivot, ڦرلدڙ توب، مڙلدڙ بندوق.

swivel-hook (سَوائل هڪ) **n.** a hook secured to anything by means of a swivel, ڪنڊي رستي بيهاريل هڪ يا چلو.

swivet (سَوِوٽ) **n.** a state of nervous agitation, پريشاني، پشيماني، حيراني، اعصابي گهبراهٽ.

swiz or **swizzle** (سَوز) **n.** a fraud; a great disappointment; to defraud, cheat, دوکو، ڌوڪو، ٺڳي، پريشاني، ٺڳڻ، ڦرڻ، دوکو ڏيڻ.

swizzle (سَوزل) **vi, vt. n.** to drink to excess; to mix or swirl, as with a swizzle-stick; a mixed or compounded drink containing rum or other spirit, گهڻو شراب پيڻ، مختلف شراب ملائي پيڻ، مرڪب شراب، استعمال ڪرڻ.

swollen (سؤلن) **adj. , pa p.** swelled, سَڄل، سوڄل، ٿوٿريل، ڦوڪيل، سوڄ، ٿوٿر، اماسيل، آڦريل، ٻميل.

swoon, sound, swoun or **swound** (سَووون، سووند) **n, vi.** a fainting fit; a sleep; to faint; to be languorous, give a feeling of fainting; to subside, غشي، بيهوشي دورو، لنڊ، جهولو، اک لڳڻ، ڍڪرجڻ، مورڇل ٿيڻ، اونگهہ، ڍڪر، ڏندڻ، هلڪو ٿيڻ، ڍرو ٿيڻ، زور گهٽجڻ.

swoop (سَوُوپ) **vi, vt, n.** to come down with a sweeping rush; to rush suddenly; to sweep along; to pounce on, to snatch with a sweep, esp on the wing; an act of swooping; a sudden onslaught, لامارو ڏيڻ، جهٽ هڻڻ، جهپو، لامارو، والارو، جهٽ، جهٽو مارڻ، ڦيرو، اوچتو حملو.

swoosh (سَووش) **n, vi.** a noise of or resembling a rush of air, water; to make this noise, پاڻيءَ يا هوا لڳڻ جو آواز، سرڙاٽ، سڙاٽ ڪرڻ، سون سون ڪرڻ.

sword (سَورڊ) **n, vi.** a weapon with a long blade, sharp on one or both edges, for cutting or thrusting; a blade or flat rod resembling a sword; a swordfish's snout; destruction or death by the sword or by war; war; military force; the emblem of vengeance or justice, or of authority and power; a suit in the tarot pack; to wield a sword, تلوار، شمشير، تيز، ڪڙڳ، سرواهي، تلوار شڪل، نوڪيلي چهنب، جنگ، تلوارن جي جنگ، خون خرابو، فوج، انصاف، بدلي يا اختيار جو نشان، پتا، تلوار کڻي هلڻ، شمشير باز، منهنار ميچيءَ جي سولڊ، تلوار سان يا جنگ ۾ مارجڻ.

sword-bayonet (سَورڊ بايونٽ) **n.** a bayonet shaped somewhat like a sword, and used as one, ڇهنبدار هٿيار جو تلوار جو ڪم بہ ڏئي.

sword-bean (سوارڊ بين) **n.** an Indian papilionaceous plant with long sword-shaped edible pods; its seed, ٻوٽو جنهن ۾ تلوار نما ڦري ٿئي، وڏي ڦريءَ وارو ٻوٽو، ان ڦريءَ جا ٻج.

sword-bearer (سورڊ بيئرر) **n.** a public officer who carries the sword of state, تلوار کڻي هلندڙ عملدار، چاڪر.

sword-bill (سورڊ بِل) **n.** a S American humming-bird with a bill longer than its body, (آمريڪي) تيز چهنب وارو پکي، وڏي چهنب وارو پکي، شڪر خورو، آمريڪي تلوار چهنب چيهو پکي.

sword-breaker (سورڊ بريڪر) **n.** an old weapon for grasping and breaking an adversary's sword, دشمن جي تلوار ڀڃڻ جو اوزار يا هٿيار.

sword-cane or **–stick** (سورڊ ڪين آر اسٽڪ) **n.** a hollow cane or stick containing a sword, تلوار وڌل ڇڙهي.

sword-dance (سورڊ ڊانس) **n.** a dance performed swords in hand or among or over swords, تلوارن تي ٿيندڙ ناچ، تلوارن جو ناچ، ختڪ ناچ.

sworder (سَوورڊَر) **n.** a gladiator; an assassin, a cut-

throat; a swordsman, بهادر، جوڌو، شمشير زن، شمشير باز، قاتل، رهزن.

swordfish (سورڊ فش) n. a large fish with upper jaw compressed and prolonged as a stabbing weapon, خار ماهي، مُنهنار مڇي، ليارو، مندرو، واڪيڻ، تلوار صورت چهنب مڇي.

sword-grass (سوورڊ گراس) n. a name for many plants with sword-shaped leaves, تيز چهنبن وارا گاهه، سَر (گاهه).

sword-guard (سورڊ گارڊ) n. the part of a sword-hilt that protects the bearer's hand, تلوار جو هٿيو، پَنجو.

sword-knot (سَورڊ ناٽ) n. a ribbon tied to the hilt of a sword, تلوار جي هٿي کي ٻڌل ڪپڙي جي پٽي.

sword-tail (سورڊ ٽيل) n. a small Central American freshwater Cyprinodont fish with a swordlike tail-lobe, تلوار نما پڇ واري تازي پاڻيءَ جي مڇي، تلوار پڇ مڇي.

swot (سَوٽ) vt, vi. n. to study hard; hard study; a person who swots. سخت (محنت ڪري) پڙهڻ، محنت سان پڙهڻ.

swung dash (سَونگ ڊيش) n. the sign used to represent a word that has already been printed, اڳي ئي استعمال ٿيل لفظ لاءِ نشان.

swy (سَواءِ) n. the Australian game of two-up; a two-year prison sentence, (آسٽريليا جي) ٻن چٺن لاءِ راند، ٻه سال قيد جي سزا.

Syalon ® (سائلون) n. a hard, strong, light, ceramic material for use in high-temperature environments, eg gas turbines and car engines, هٿرادو چيني مٽيءَ جهڙو سخت ۽ مضبوط مادو جيڪو سخت گرمي پد واري وايومنڊل ۾ به استعمال ٿي سگهجي.

sybo, syboe or sybow (سائبو آر سائبي) n. a cibol; a young or spring onion, ننڍڙو بصر، ڪچو بصر، سائو بصر.

sybotic (سائبوٽڪ) adj. pertaining to a swineherd, سوئرن جي ڌڻ بابت.

sycamine (سِڪا مائن) n. the mulberry-tree, سياهه توت، ڪارو توت، شهتوت.

sycamore (سِڪا مور) n, a kind of fig-tree; in England, the great maple called in Scotland the plane; (in USA) any true plane, چنار فرنگي (وڻ)، مصري توت وڻ، انجيري وڻ، ٻڙ جي قسم جو وڻ.

syce, sice or saice (سائس) n. a groom, mounted attendant; a chauffeur (Ar), گهوڙو سنڀاليندڙ، سائس، گهوڙي سوار، سواري هلائيندڙ ملازم، ڊرائيور.

sycee (سائسي) n. silver ingots used as Chinese money, چين جا چانديءَ جا سڪا.

syconium (سائڪونيم) n. a multiple fruit in which the true fruits (the pips) are enclosed in a hollow fleshy receptacle eg the fig, انجيري ڦل.

sycophancy (سڪو فنسي) n. the behaviour of a sycophant; obsequious flattery; servility; mean tale-bearing, خوشامد، چاپلوسي، چٽ چٽان، گانڌ غلامي ڪرڻ.

sycophant (سڪو فنٽ) n. a servile flatterer; a common informer, چاپلوس، خوشامدڙيو، ڪميڻو، طفيلو.

sycosis (سائڪو سس) n. inflammation of the hair follicles, esp of the beard, (ڏاڙهيءَ جي وار جي پاڙ جي) سوزش.

Sydneysider (سڊني سائيڊر) n. a person who comes from or is resident in Sydney, Australia, or the surrounding area, سڊني (آسٽريليا جو رهاڪو)، سڊني واسي.

sye (ساءِ) vt, n. to strain; a sieve; a milk-strainer, ڇاڻڻ، ڇاڻي، پرڻ، صافي، کير ڇاڻي.

Syenite (سائنائٽ) n. a coarse-grained plutonic rock composed of orthoclase and a ferromagnesian mineral, usu hornblende, ڳاڙهو عمارتي پٿر.

Syenitic (سائنٽڪ) adj. relating to Syene in Egypt; pertaining to Syenite, مصر جي علائقي سين بابت، مصر جي ڳاڙهي عمارتي پٿر جي باري ۾.

syllabic (سلابڪ) adj. of or constituting a syllable or syllables; syllable by syllable, پد بابت، اُچار بابت، پداڻو، اُچار ڪرڻ.

syllabics (سلابڪس) n.pl. verse patterned not by stresses but by syllables, حرف ۽ وزن واري شاعري، سُريلي شاعري، ڳائڻ واري شاعري جنهن ۾ پدن تي زور هجي.

syllabification (سلابي فڪي شن) n. pronunciation as a syllable; division into syllables, اُچار نگاري، لفظن کي پدن ۾ ورهائڻ جيئن رهبر (رهه -بر) اچارن ۾ ورهاست.

syllabize (ise) (سلا بائز) vt. to form or divide into syllables; to sing to syllables, پدن ۾ ورهائڻ، سُر سان ڳائڻ.

syllable (سلي بل) n, vt. a word or part of a word uttered by (more or less) single effort of the voice and into which a word can be divided for the purposes of linguistic analysis; a single sound or word, a murmur; to express by syllables, to utter articulately, اُچار، پد، هجي، جُز، اکر، ٻڙڪ، ٺڪر، ڪڪ، اُچارڻ، هجي ڪرڻ.

syllabub or sillabub (سلي بَب) n. a dish of cream curdled (eg with wine), flavoured and frothed up; any thing frothy or insubstantial, مهي (شراب سي، ڏڌ، مهي) (ملبل)، گجيءَ واري شيءِ، معمولي شيءِ.

syllabus (سلي بس) n. an abstract or programme of a

series of lectures or a course of studies; either of two catalogues of doctrinal positions or practices, نصاب. درسي مضمون. خلاصو. تت. تاج پرت. سار. انتخاب. سنگشيپ.

syllepsis (سلپ سس) n. a figure in rhetoric by which a word does duty in a sentence in the same syntactical relation to two or more words but has a different sense in relation to each, ساڳي بحر وزن پر مختلف معنيٰ وارو لفظ. هڪ ئي لفظ جو مختلف معنائن ۾ ڪم اچي.

syllogism (سلوجزم) n. a logical argument in three propositions, two premises and a conclusion that follows necessarily from them; deductive reasoning; a clever, subtle or specious argument, قياس. دليل جي منطقي صورت. انومان واقعي. نيايه. نيايه موجب بحث ڪرڻ. دليلن تي بڌل مثال. مثالن سان سمجهايل اصول يا متو. ٽه رتيو منطقي بحث جنهن ۾ ٻه ڏار ڏار دليل ڏجن ۽ ٽيون دليل انهن ٻنهي دليلن جي بنياد تي قائم ڪيل وچولو دليل يا نتيجو هُجي.

sylph (سلف) n. a spirit of the air; a sylphlike being; a slim person; a kind of humming-bird, پريءَ جو ٻچو. پري زاد. سنهو سَڪلڙو ماڻهو. تيز اڏامندڙ پکي. چيهي پکيءَ جو قسم.

sylvan (سلوَن) adj, n. of woods or woodland; wooded, tree-lined; romantically rural, arcadian; a wood-god; a forest-dweller, شجر دار علائقو. جهنگ. جهنگ ڀريل زمين. وڻراهه. خوبصورت وڻڪار. من موهيندڙ. جهنگ جو ديوتا. ٻهراڙي. ٻهراڙيءَ جو رهاڪو. جهنگلي.

sylvaner (سلوانر) n. a German grape, used in making white wine; wine made from this grape (Ger), (جرمنيءَ جو) انگور. ان انگور مان ٺاهيل شراب.

sylvanite (سلو نائٽ) n. a mineral, telluride of gold and silver, سون ۽ چانديءَ جي معدنيات.

sylvia (سلويا) n. any warbler of the genus, that gives its name to the family of thrush family, طوطي پکي جنس جو پکي. ٻوليندڙ ننڍو پکي. ڦدي پکي. چٽ چر پکي.

Sylvian fissure (سلوئن فشر) n. a deep lateral fissure in the cerebrum, discovered by Dutch-German anatomist, دماغ جي اڳئين يا مکيه حصي جو ڦٽ يا زخم.

sylviculture (سلويڪلچر) n. forestry, شجر پروري وڻڪاري زراعت.

sylvie or sylvite (سلوين آر سيلويٽ) n. native potassium chloride, a source of potash, نباتي لوڻ مليل مادو. هاضمي لوڻ.

sylvinite (سلو نائٽ) n. a rock composed of sylvine and rock salt, معدني مرڪب لوڻ مادو.

symbiosis (سم بيو سس) n. a mutually beneficial partnership between organisms of different kinds; esp such an association where one lives on or within the other, هم زيستي. هم باشي. باهمي رهڻي. ملي جلي رهندڙ. حياتياتي معاشيت.

symbiont (سم بينٽ) n. an organism living in symbiosis, گڏجي رهندڙ ماحولياتي جاندار.

symbol (سنبل) an emblem; a sign used to represent something; that which by custom or convention represents something else; a type; a creed, compendium of doctrine, or a typical religious rite, such as the eucharist; an object or act representing an unconscious or repressed conflict; to symbolize, اهڃاڻ. علامت. نشاني. لنگ. لڪشڻ. نشان. ڪيميائي علامت. چنهه. نشانيءَ طور استعمال ڪرڻ. ڪا شيءِ يا عمل جيڪو ڪنهن لاشعوري يا دٻيل مونجهاري جي علامت هجي. عقيدو. مذهبي رسم. سنوڻ يا رواج مطابق هڪ شيءِ يا ڳالهه يا واقعي جو ٻيءَ ڪنهن شيءِ جي اهڃاڻ يا نشاني طور پيش ڪرڻ جيئن غاشوري جا جهنڊا يا علم.

symbolic or symbolical (سنبولڪ آر سنبوليڪل) adj. of or serving as a symbol; involving the use of symbols or symbolism, علامتي. اهڃاڻ متعلق. نشانيءَ طور. رمزي. اشاراتي. نشانيءَ مثل. صورت نما. معتدل. لڪشڪ. اهڃائي.

symbolic logic (سنبولڪ لاجڪ) n. a branch of logic which uses symbols instead of terms, propositions in order to clarify reasoning, منطقي اهڃاڻ. منطق ۾ نشانين جو استعمال.

symbolism (سنبولزم) n. representation by symbols or signs; a system of symbols; use of symbols; use of symbols in literature or art, علامت نگاري. تمثيل نگاري. چنه ويا پار. سنڪيت سوتر. علاميت. اشاريت. اشاري ڪنايه طور استعمال ڪرڻ. اشاراتي مصوري.

symbolize (-ise) (سنبولائيز) vt, vi. to be symbolic of; to represent by symbols; to combine; to formulate in a creed; to agree, علامت سان ظاهر ڪرڻ. نشانيون ڪم آڻڻ. علامت. نشاني. نشانين طور بڌائڻ. ڪنايه يا تشبيهي بيهڪ ميڙڻ. متفق ٿيڻ.

symmetallism or symmetalism (سمي ٽلزم) n. a monetary system in which an alloy of two or more metals in a fixed proportion is used as the standard of currency; advocacy of this system, مختلف ڌاتن جو مقرر ڪيل مقدار ۾ ملائڻ ناڻي طور استعمال وارو سرشتو. اهڙي سرشتي کي رائج ڪرڻ جي حمايت.

symmetry (سمتري) n. exact correspondence of parts on either side of a straight line or plane, or about a centre or axis; balance or due proportion; beauty of form; disposition of parts, eg the method of ar-

rangement of constituent parts of the animal body; the quality of remaining unchanged despite transformations in the surrounding environment or structure, هڪ جهڙائي، تشاڪل، ڊول، ميل، سَوڌائي، ناهوڪائي، توازن، هم شڪلي، ڊولائي، سَمَتَ، پتا، پرماڻتا، خوش آندامي، موزولي، صحيح نسبت، ماحول سان ٺهڪي اچڻ.

sympathectomy (سمپيٿيڪٽمي) **n.** excision of part of a sympathetic nerve, رڳ جراحي، شرڪي مشڪ جراحي.

sympathetic (سمپٿيٽڪ) **adj.** feeling, inclined to or expressing sympathy; in sympathy; acting or done in sympathy; induced by sympathy (as sounds in a resonating body); congenial; compassionate; of the sympathetic nervous system; able to awake sympathy, غم خوار، درد مند، همدرد، همدردي ڪندڙ. بدن جا آواز، همدرديءَ طور ڪيل. بدن مان نڪرندڙ آواز جيڪي عام رواجي سمجهيا وڃن ٿا. بدن جو پاڻ مرادو اثر پذير ٿيندي نظام، بدن جي عضون جو هڪ ٻئي جي تڪليف کي محسوس ڪرڻ جو نظام جيئن هڪ اک جي تڪليف ٻيءَ ٻنا تڪليف واري اک پر به محسوس ٿئي يا هڪ ڏند يا ڏاڙ جي سور جو اثر ٻيءَ ڏاڙ يا ڏند پر محسوس ٿئي.

sympathin (سمر پٿن) **n.** a substance, secreted by sympathetic nerve-endings, which constricts and dilates blood vessels, شرڪي مشڪن مان پيدا ٿيندڙ پاڻيٺ جيڪو رت رڳن جي لاءِ مددگار آهي، طبي لفظ.

sympathique (سپٿيڪ) **adj.** to one's taste, congenial, evoking a sense of affinity or harmony, همدرد، غم خوار، درد مند، ٺهڪندڙ سڀاءُ وارو، ملندڙ جلندڙ.

sympathize (-ise) (سمر پٿائز) **vt.** to be in sympathy; to feel with or for another; to be compassionate; to be in accord, correspond; to combine harmoniously; to represent or understand sympathetically; to affect all alike, دردمندي ڪرڻ، همدردي ڪرڻ، مدد ڪرڻ، غم خواري ڪرڻ، ٺهڪي اچڻ، ملي ٻيهڻ، ساٿ ڏيڻ.

sympatholytic (سمر پٿولي ٽڪ) **adj, n.** inhibiting the action of the sympathetic nervous system; a drug which has this effect, شرڪي مشڪن کي طاقت ڏيندڙ دوا، طبي لفظ، طبي مواد.

sympathy (سمر پٿي) **n.** community of feeling; power of entering into another's feelings or mind; harmonious understanding; compassion, pity; affinity or correlation whereby one thing responds to the action of another or to action upon another; agreement; a feeling of agreement or support, or an expression of this, همدردي، درد ونڊي، غم خواري، غم گساري، سَرَ سَڪتا، همراهي، مددگاري، سهائتا، رحم دلي، غم ڪائڻ، ڏک سور ونڊڻ.

sympatric (سمر پٽرڪ) **adj.** (of species) of, occurring in, or from the same geographical region or overlapping regions, but which do not interbreed, هم مڪاني، هم خانوي، ساڳي هنڌ رهندڙ مگر پاڻ پر نه ملندڙ جيوت، مختلف جنسي جيوت.

sympetalae (سمر پيٽالي) **n.pl.** a main division of dicotyledons, typically having united petals, گڏيل پنکڙين وارو ٻوٽو، هم جنس پنڙي ٻوٽو جنس.

sympetalous (سمر پيٽالس) **adj.** having the petals united, گڏيل پنکڙي، گڏيل پنکڙيدار، گڏيل گل پن وارو.

symphile (سمر فائل) **n.** an animal of another kind kept as a guest or domestic animal in an ants' or termites' nest, هم پسند، هم باش، ماڪوڙين يا اڏوهين جي ماڻارن پر مهمان يا گهرو جانور طور ٽڪايل جيوت.

symphonic (سمر فونڪ) **adj.** (of music) relating to or having the form or character of a symphony, هم آوازي.

symphonious (سمر فونيس) **adj.** agreeing or harmonizing in sound; accordant; harmonious, هم آوازي، ملندڙ، سريلو.

symphonist (سمر فونسٽ) **n.** a composer or performer of symphonies, هڪ ڪان وڏيڪ سازن لاءِ ناهيل شاعري يا لکت، شاعر، موسيقار.

symphony (سمفني) **n.** harmony, esp of sound; an orchestral composition on a great scale in sonata form; an instrumental portion of a primarily vocal work; a symphony orchestra; an obs name for various musical instruments, هم صوتي، هم آهنگي، هم آوازي، هم سازي، ايڪتائتا، پورو سُرن وارو راڳ يا ترانو، سر جو ميلاپ.

symphony orchestra (سمفني آڪيسٽرا) **n.** a large orchestra comprising strings, woodwind, brass and percussion, capable of performing symphonies, هم صوتي سازينو، مختلف قسم جي سازندن جو ٽولو.

symphyla (سمفلا) **n.** a class or order of arthropods linking the bristle-tails with the centipedes, هم نوعي (جاندار).

symphyllous (سمفلس) **adj.** having the leaves united, هم جوڙ پن.

symphysis (سمر فسس) **n.** the union of growing together of parts, concrescence; union of bones by fusion, cartilage or ligament; a place of junction of parts, وصل، پيوستگي، ڳانڍاپو، سنڌ، مختلف عضون جا هڪ ٻئي سان جڙڻ وارا هنڌ.

symphytum (سمر فٽم) **n.** the comfrey genus of the borage family, from its supposed virtue of closing

wounds or healing fractures, جڙي پوڻ، ٽٽي ہڏي.

sympiesometer (سمپزو ميٽر) n. a barometer with a gas instead of a vacuum; an instrument for measuring the pressure of a current, ڪشش بار پيما.

symplast (سمر پليسٽ) n. the continuous network of protoplasts, linked by plasmodemata, bounded by the cell membrane, گلا يل جيو دالو.

symploce (سمر پلوسي) n. the repetition of a word at the beginning and another at the end of successive clauses, ساڳيو لفظ جملي جي شروع ۽ آخر ۾ استعمال ڪرڻ. تجنيس حرفي.

sympodial growth (سمپوڊيل گروٿ) n. a pattern of growth in which a shoot ceases to grow and one or more of the lateral buds next to the apical bud grow(s) out and repeat(s) the pattern, گلا يل تاري پيدائش. نقلي محوري پيدائش.

sympodium (سمر پو ڊيم) n. a stem involved in sympodial growth, گلا يل تاري. نقلي محور.

symposium (سمر پو زيم) n. a conference; a collection of views on one topic; a meeting for conversation; a drinking party, مذاڪرو. باهمي مذاڪرو. علمي مجلس. بحث مباحثو. چنا پيتي. فرحتي مجلس. پيالا پارٽي. مي پرستي.

symptom (سمپٽم) n. a subjective indication of a disease, ie something experienced by the patient, not outwardly visible; any abnormal sensation or emotional expression or thought, accompanying disease or disorder of body or mind; any objective evidence of disease or bodily disorder; a characteristic sign or indication of the existence of a state, اهڃاڻ. نشان. علامت. ڪارج. ارڪان. مرض. آثار مرض. روڳ. چنهه. پار. النڪار. ڪنهن حالت جي موجودگيءَ جا اهڃاڻ. بيماريءَ جي علامت. ڪوبه غير معمولي احساس. خيال يا محسوسات جيڪو جسماني يا ذهني مريض محسوس ڪري.

symptomatology (سمپٽو ميٽولاجي) n. the study of symptoms; the symptoms of a patient or a disease taken as a whole, علم علامات. علم بحث مرض. علم علامت مرض.

synadelphite (سنڊيلفٽ) n. a manganese aluminium arsenate, جستي ڌاتو.

synaeresis (سنريسس) n. the running together of two vowels into one or into a diphthong; the spontaneous expulsion of liquid from a gel, ٻن اچارن جو گڏ ملڻ. پاڻيٺ جو اوچتو نڪري اچڻ.

synaesthesia (سنيسٿيزيا) n. sensation produced at a point different from the point of stimulation; a sensation of another kind suggested by one experienced (eg in colour-hearing), جسم جي اصل جڳهه کان پري اهڃاڻ جو ظاهر ٿيڻ جيئن ڪنن سان رنگ سڃاڻڻ. هم حسي.

synagogue (سنيگاگ) n. an assembly of Jews for worship and for instruction in the Torah; a Jewish place of worship, يهودين جو عبادت خانو. يهودين جو لڪاڻو. يهودين جي مجلس.

synallagmatic (سنيلگ ميٽڪ) adj. mutually or reciprocally obligatory, ٻنهي طرفن هڪ جيتري جوابداري يا ذميداري.

synaloepha (سنيلفا) n. the melting of a final vowel or diphthong into the initial vowel or diphthong of the next word, اچارن يا سرن جو پاڻ ۾ ملڻ. سر مان سُر وڃڻ.

synandrium (سنئنڊريم) n, a mass of united stamens, هم تخم ريشي.

synandrous (سنڊرس) adj. having united stamens, هم تخم ريشي دار.

synangium (سنئنجيم) n. an arterial trunk; a group of united sporangia (found in Marattiaceae), هم تخم دان. مرڪب تخم دان.

syntherous (سنٿرس) adj. syngenesious, گلا يل تخمدان. گنڍيل تخم ڪوش.

synanthesis (سنٿيسس) n. simultaneous ripening of stamens and stigmas, گلا يل پختگي. هم وقت بلوغت. هڪجهڙي پختگي.

synanthous (سنٿيس) adj. synanthic; flowering and leafing simultaneously, باهم گلدار. هڪ ئي وقت گل پندڙ.

synanthy (سنٿني) n. abnormal fusion of flowers, هم گل پن.

synaphea or **synapheia** (سنيفيا) n. metrical continuity between verses in a system, so that they can be scanned as one verse, as in anapaestics, with possibility of elision at the end of a line, شعر و شاعري. شاعري جي هڪ صنف.

synaposematism (سنيپوسيميٽزم) n. warning coloration common to a number of dangerous species in the same region, (خطري واري حالت ۾) هڪ ئي وقت هڪ هنڌ موجود مختلف جاندارن جو رنگ مٽائڻ. جانورن جي ڪن مختلف جنسن جي اها حالت جڏهن هو خطرو محسوس ڪرڻ تي پنهنجو رنگ مٽائي ڇڏيندا آهن.

synapse (سنيپس) n. an interlacing or enveloping connection of one nerve-cell with another, تنتي ڳهرڻ جي ڏڻ ويجهڻ دوران تنتن جو هڪ ٻئي سان سيلاپ. سيلابي تنتي ورشتو.

synapsis (سنيپسس) n. the pairing of chromosomes of

paternal and maternal origin before the reducing division; a synapse, جيوڙي ورچ. (جيوڙن جي) جوڙي سازيءَ کان اڳ ماءُ ۽ پيءُ جي تخمن جا جيوڙا، ميلاپي تنتي سرشتو.

synarchy (سنرڪي) **n.** joint sovereignty, گڏيل شاهي، هڪ کان وڌيڪ جي حڪمراني.

synarthrosis (سنرٿروسس) **n.** immovable articulation, هڏين جو پڪو جوڙ، اڻ چرندڙ سنڌ.

synastry (سنسٽري) **n.** a coincidence of stellar influences; comparison of the horoscopes of two or more people, ٻن يا ٻن کان وڌيڪ ستارن يا بُرجن جي اثر ۾ هڪ جهڙائيءَ جو هُجڻ، ٻن يا ٻن کان وڌيڪ ماڻهن جي برجن جي هڪ ٻئي سان ڀيٽ.

syncarp (سنڪارپ) **n.** a compound fruit formed from two or more carpels, of one or more than one flower, گڏيل ميوو، مرڪب ڦل، ٻن يا ٻن کان وڌيڪ گلن مان نڪرندڙ ميوو.

syncarpous (سنڪارپس) **adj.** of or having united carpels, هر ميويدار، گڏيل مادي عضوو، مرڪب ڦلدار.

syncategorematic (سنڪٽيگوريمٽڪ) **adj.** not able to form a term without other words, اڻپورو جملو، جملي جي اڻپوري بيهڪ.

synchondrosis (سنڪونڊروسس) **n.** connection of bones by cartilage, هڏي سازي، ڪرٽي هڏي سازي.

synchoresis (سنڪوريسس) **n.** a concession, esp one made for the sake of a more effective retort, رعايت ڏيڻ، آئيندي جي اميد تي سهوليت ڏيڻ.

synchroflash (سنڪرو فلئش) **n.** a mechanism which synchronizes the opening of a camera shutter with the peak of brilliance of a flash bulb, ڪئميرا جي ڍڪ جو روشنيءَ جي اثر يا زور مطابق کلڻ.

synchromesh (سنڪرو مئش) **adj. n.** of a gear in which the speeds of the driving and driven members are automatically synchronized before coupling, so as to avoid shock and nose in gear-changing; such a gear, خودڪار گيئر، گاڏي جو خود ڪار گيئر مٽائڻ جو سرشتو يا اوزار.

synchronal (سنڪرو نل) **adj.** coinciding in time, هم وقت، هم عصر، سم ڪالڪ، ساڳي وقت ۾ موجود، اتفاقي طور ساڳئي وقت هُجڻ يا ٿيڻ.

synchronic or synchronical (سنڪرو نڪ آر نڪل) **adj.** synchronous; concerned with the study of a subject (esp a language) at a particular period, without considering the past or the future, هم وقت، هم عصر، هم وقتي، هم زماني، ڪنهن به مضمون جو ڏنل وقت مطابق ڪيل مطالعو يا تحقيق

synchronism (سنڪرو نزم) **n.** coincidence in time; simultaneity; keeping time together; occurrence of similar phrases at the same time; exhibition of contemporary history in one scheme; the bringing together of different parts of a story (occurring at different times) in one picture or work of art, هم وقت، هم عصري، هم زماني، يڪ پَت، ساڳي دؤر ۾ موجودگي، هڪ وقت ۾ گڏ موجود، تاريخ جي ساڳي دؤر جو مطالعو، ڪهاڻيءَ جي مختلف حصن کي تصوير ڪشيءَ ذريعي يڪجا ڪرڻ.

synchronize (-ise) (سنڪرو نائز) **vi, vt.** to coincide or agree in time; to cause to coincide or agree in time; to time together or to a standard; to represent or identify as contemporary; to make (the sound track of a film) exactly simultaneous with a picture, هم وقت ٿيڻ، هم عصر ٿيڻ، ساڳي وقت ٿيڻ، ساڳي تاريخ ڏيڻ، رنگ ملائڻ، ملائي هڪ ڪرڻ، ٺهڪائي بيهارڻ، آواز ۽ تصوير جي مناسب يا وقتائتي بيهڪ.

synchronizer (-s-) (سنڪرو نائزر) **n.** that which, or someone who synchronizes; a synchroscope; a unit for maintaining synchronism when transmitting data between two devices, بيهڪ بيهاريندڙ، ملائيندڙ، گڏي ٺاهيندڙ، ڪمپيوٽرن جو هڪ ٻئي کي معلومات ڏيڻ ۽ حاصل ڪرڻ.

synchronous (سنڪرو نس) **adj.** simultaneous; contemporary; keeping time together, هم عصر، هم يا ساڳيو زمانو، هم وقت، هڪ ئي وقت جو، هڪ وقت ۾ گڏ موجود.

synchronous transmission (سنڪرو نس ٽرانس ميشن) **n.** (comput) transmission of data along communication lines at a fixed rate and in a continuous string, (ڪمپيوٽر جو) ساڳي معلومات هڪ ئي وقت هر طرف مهيا ڪرڻ جو سرشتو.

synchroscope (سنڪرو اسڪوپ) **n.** an instrument which indicates the difference in frequency between two AC supplies, هم دوري نما.

synchrotron (سنڪرو ٽران) **n.** a type of very high-energy particle accelerator, طاقت ور بجلي پيدا ڪندڙ اوزار.

synchrotron radiation (سنڪرو ريڊيئيشن) **n.** electromagnetic radiation emitted by charged particles passing through magnetic fields, produced in the form of a very intense polarized beam, with important uses for analysing the structure and behaviour of substances, طاقتور بجليءَ جي لهر، بجليءَ جو طاقتور رخ.

synchysis (سنڪيسس) **n.** confusion of meaning due to

unusual arrangement; fluidity of the vitreous humour of the eye, ابتري، بي ترتيبي، اک جي نظر جي گهٽ وڌ بيهڪ، سٽ جي غير معمولي بيهڪ سبب پيدا ٿيل معنيٰ جو مونجهارو.

synclastic (سن ڪلئس ٽڪ) **adj.** having the same kind of curvature in all directions, هر خمي، هر طرف هڪ جيتري يا هڪ جهڙي خم يا ور وڪڙ وارو.

syncline (سن ڪلائن) **n.** a fold in which the beds dip downwards towards the axis, هر جهڪاءُ، هر محوري جهڪاءُ.

synclinorium (سنڪلا ئنوريم) **n.** a great synclinal structure carrying minor flexures, هر جهڪاءُ.

Syncom (سن ڪوم) **n.** one of a series of communication satellites in a synchronous orbit, خلا ۾ چڪيل معلومات مهيا ڪندڙ سيارا يا اپگرهه.

syncopate (سنڪو پيٽ) **vi.** to shorten by cutting out the middle (of a word); to alter the rhythm of music temporarily by transferring the accent to a normally unaccented beat, اکر کي لنيو ڪري لکڻ جيئن الخ يعني آخر تائين، سازن جي وڄت مٽائڻ.

syncope (سنڪوپ) **n.** the elision of a letter or syllable from the middle of a word; a fainting fit caused by a sudden fall of blood pressure in the brain; a cutting short; a syncopation, لفظ جي وچ مان اکر ڪڍي انکي لنيو ڪرڻ، دماغ ۾ رت جي دٻاءُ جي اوچتي گهٽجي وڃڻ ڪري بيهوشي طاري ٿيڻ، ڪٽي لنيو ڪرڻ، مختصر ڪرڻ جو عمل.

syncretism (سنڪري ٽزم) **n.** reconciliation of, or attempt to reconcile, different systems of belief, esp of different forms of Christianity; fusion or blending of religions, as by identification of gods, taking over of observances, or selection of whatever seems best in each; illogical compromise in religion; the fusion of distinct inflectional forms of a word, (عيسائيت) جي مختلف فرقن جي پاڻ ۾ گڏجي هڪ ٿيڻ لاءِ ڪيل ڪوشش ۽ ناميل متفق اصول، هڪ ئي اکر جون مختلف صورتون جيئن پٿسا يا پيسا.

syncytium (سن سٽيم) **n.** a multinucleate cell; a tissue without distinguishable cell-walls, هر نواتي خليو.

synd or **sind** (سائند) **vt, n.** to rinse; to wash out or down; a rinsing; a washing down with liquor, آگهارڻ، ڌوئڻ، صاف ڪرڻ، گهي وڃڻ، (پاڻيءَ سان) ڳهڻ.

syndactyl (سن ڊئڪٽل) **adj.** having fused digits, as do many birds and lower mammals, هر آگري، آگرين جو پاڻ ۾ مليل هئڻ.

syndesis (سن ڊيسس) **n.** a binding; synapsis, رنگ ميلاپ، ميلاپ، ڳانڍاپو.

syndesmosis (سن ڊيس موسس) **n.** the connection of bones by ligaments, بندڻ سازي، هڏن جو پيوندي جوڙ.

syndetic or **syndetical** (سن ڊي ٽڪ) **adj.** connective; of a construction in which clauses are connected by conjunctions, ملائڻ، جوڙڻ، جملن جي بناوت، جوڙيندڙ لفظ جيئن کي، تي، ۽ وغيره.

syndic (سن ڊڪ) **n.** a person chosen to transact business for others, esp the accredited legal representative of a corporation, society or company; a magistrate or mayor, حاڪم، نمائندو، مالڪن جو عيوضي، عوامي نمائندو، مئجسٽريٽ، ميئر، چونڊيل عهديدار.

syndicalism (سن ڊڪلزم) **n.** a development of trade-unionism which originated in France, aiming at putting the means of production in the hands of unions of workers, (فرانس ۾) مزدورن جي مال ملڪيت تي قبضي واري تحريڪ.

syndicate (سنڊيڪيٽ) **n, vt. vi.** a body of syndics; a council; the office of a syndic; a body of people chosen to watch the interests of a company or to manage a bankrupt's property; a combination of people for some common purpose or interest; an association of criminals who organize and control illegal operations; a combined group of newspapers; to control, effect or publish by means of a syndicate; to sell eg an article for simultaneous publication in a number of newspapers or periodicals; to sell radio or TV programmes for broadcasting by many different radio or TV stations; to join in a syndicate; to judge, censure; to join in a syndicate, مجلس، انتظامي ڪميٽي، جماعت، ڪاروبار هلائيندڙ سڀا، اعليٰ مجلس، انتظامي مجلس، ڪار پردازن جي مجلس، گڏيل اخبارن جو مجموعو، هڪ ئي اداري طرفان ڇپجندڙ اخبارون، ڏيوالو ٿيل ملڪيت سنڀالڻ واري جماعت، هڪ ليک ساڳي وقت مختلف اخبارن کي ڇاپڻ لاءِ ڏيڻ، ٽيليويزن لاءِ پروگرام تيار ڪري مختلف ريڊين يا ٽيليويزنن کي وڪڻڻ، فيصلو ڪرڻ، سزا ڏيڻ، جماعت ۾ شامل ٿيڻ، ڏوهارين جو ٽولو يا جماعت جيڪي غير قانوني ڪاروبار يا ڪاروايون ڪن.

syndrome (سنڊروم) **n.** occurrence, esp of symptoms; a characteristic pattern or group of symptoms; a pattern or group of actions, feelings, observed happenings, characteristic of a particular problem or condition, حالتن جو مجموعو، علامت، روڳي علامت، ڳوڙهي، بيمارين جو مجموعو، مرڪب مرض، ڪنهن خاص مسئلي يا صورتحال دوران مختلف حالتون، خصوصيتون يا علامتون.

syndyasmian (سندي اڙ مين) **adj.** pairing, applied to a form of family founded on a loose temporary marriage, جوڙي بندي، ٿوري وقت لاءِ شادي، مُتعو.

syne (ساڻن) **adv.** then, next; afterwards, later; ago, since, پوءِ، ڪاپوءِ، الڪاپوءِ، اڳ ۾، گذريل وقت ۾، ڪان وٺي.

synecdoche (سن ايڪڊڪي) **n.** a figure of speech in which a part is used to refer to the whole, or vice versa, اهي لفظ جن ذريعي پوري ۽ مڪمل معنيٰ ظاهر ٿئي، هڪ صفت جنهن ۾ سڄي بدران صرف ڀاڱو ڪم اچي، ذڪر ڪيل ارادي جز - ذڪر جز ارادو ڪيل.

synecdochism (سنڪڊو ڪزم) **n.** use of synecdoche; use of part for the whole in sympathetic magic, ٿورن لفظن ۾ مطلب واضح ڪرڻ جو گر، ڀاڱو ڪم آڻي مڪمل مطلب بيان ڪرڻ، اشارن ۾ سمجهائڻ، دعا تعويز ڪرڻ، ڦيڻو وجهڻ، ڦيڻو ڪرڻ.

synechia (سنڪيا) **n.** abnormal adhesion, esp of the iris to the cornea or to the lens, غير قد ميلاپ، نظر جي اڻ برابري.

synecology (سنيڪو لاجي) **n.** the ecological study of communities of plants or animals, (ٻوٽن جو) علم هر ماحوليات، ساڳين حالتن ۾ رهندڙ جانورن ۽ ٻوٽن جو اڀياس.

synecphonesis (سنيڪو فونيسس) **n.** synizesis, ٻن اچارن جو پاڻ ۾ ملائڻ.

synectics (سنيڪ ٽڪس) **n.sing.** the study of processes leading to invention, with the end aim of solving practical problems by a miscellaneous group of people of imagination and ability but varied interests, مختلف اهليت يا چاهه رکندڙ ماڻهن کي ڪٺو ڪري انهن کان خاص معاملي ۾ مشورو وٺڻ يا ڪجهه ايجاد ڪرڻ ۾ انهن جي مدد حاصل ڪرڻ، اجماع، گڏيل صلاح مشورو.

synedrion (سنيڊرين) **n.** a judicial assembly; a sanhedrin, قانوني مجلس، فيصلي واري مجلس، ججن جي مجلس.

syneidesis (سن آئڊيسس) **n.** conscience as passing judgement on past acts, ضمير جو ڪيل ڪمن تي ڏنل فيصلو، اندر جو آواز.

synergetic or **synergic** (سنرجيٽڪ آر سنرجڪ) **adj.** working together, معاون، مددگار، هر عامل، گڏ ڪم ڪندڙ.

synergid (سنرجڊ) **n.** either of the two cells in the embryo-sac that seems to guide the pollen-tube, هر ڪار خليا، عملي خليا يا ڳهرڙا.

synergism (سنرجزم) **n.** the doctrine that the human will and the Divine Spirit are two efficient agents that co-operate in regeneration; increased effect of two substances, esp drugs, obtained by using them together; the working together of a number of individuals for greater effect, هر عملي، گڏيل ڪم وارو عمل، گڏيل عمل ذريعي ڪيل ڪم، گڏجي اثر ڪرڻ (دوائن جو).

synergist (سنرجسٽ) **n.** a substance which increases the effect of another (eg pesticide); a muscle that acts with another, هر خالو، گڏيل خالي دار.

synergy (سنرجي) **n.** combined or co-ordinated action, هر عملي، گڏجي قدم کڻڻ.

synesis (سنيسس) **n.** syntax having regard to meaning rather than grammatical form, معنيٰ بيان ڪندڙ جملو، تشريحي جملو.

synfuel (سنفيو آل) **n.** any type of fuel synthesized from a fossil fuel, زمين مان حاصل ڪيل ٻارڻ جو هڪ ٻرندڙ جزو.

syngamy (سنگمي) **n.** free interbreeding; union of gametes, ميلاپ، ڳانڍاپو، هر ميلاپ، گڏيل ميلاپ، جَر جوڙي سنجوڳ.

syngas (سن گئس) **n.** a mixture of hydrogen and carbon monoxide, from which various hydrocarbons (eg methanol and gasoline) can be synthesized, مرڪب گئس.

syngeneic (سن جينڪ) **adj.** genetically identical, بنيادي طور ساڳي ٻڻ بنياد وارا، هم تخم، هم بنياد.

Syngenesia (سن جينسيا) **n.pl.** in the Linnaean system, a class of plants with syngenesious stamens, corresponding to the Compositae, سائنسي ورهاست موجب هم تخم دالي ٻوٽا، هم بنيادي جيو.

syngenesious (سن جني سيس) **adj.** having the anthers united in a tube around the style, as in Compositae, همزاد، گڏيل تخم دالو، هم تخم دالو.

syngenesis (سن جني سس) **n.** reproduction by fusion of male and female elements, the offspring being derived from both parents, مادي ۽ نر جزن جو ميلاپ ۽ ان ذريعي ٿيندڙ پيدائش، عام پيدائش وارا اصول.

syngnathidae (سنگنٿي ٿيڊي) **n.pl.** the pipefish family, مڇي جي جنس، پائيپ يا نڙي صورت مڇي.

syngnathous (سن گنٿي ٿس) **adj.** (of certain fish) having the jaws fused to form a tubular structure, مڇي جنهن جو هڪ قسم جنهن جون ڄاڙيون گڏجي نڙي جهڙي بيهڪ ڏين يا جوڙين.

syngraph (سن گراف) **n.** a writing, eg a contract, signed by both or all of the parties to it, لکت يا دستاويز جنهن تي سيني واسطيدارن جون صحيون هجن.

synizesis (سني زي سس) **n.** the union into one syllable of two vowels without forming a recognized diphthong; contraction of chromatin towards one side in karyokinesis, هڪ پد لاءِ ٻن آوازي اکرن جو استعمال، هڪ

اچار لاءِ ہہ آوازي اکر استعمال ڪرڻ.

synkaryon (سن ڪيرين) **n.** a cell nucleus formed by the fusion of two separate nuclei, or (as in fungal hypha) a pair of nuclei in close association, ٻن الڳ اٿن کي ملائي هڪ ڪرڻ.

synod (سنڊ) **n.** an ecclesiastical council; a Presbyterian church court intermediate between Presbytery and the General Assembly; conjunction, مجلس، سيا. گڏجاڻي، ڪليسا جي مجلس، جوڙ. ڳانڍاپو.

synodal (سنڊل) **adj. n.** of, of the nature of, or done in a synod; a payment made by a clergyman on the occasion of a synod, or at a visitation, مجلس ۾ ڪيل فيصلو، مجلس لاءِ چندو يا ڏن.

synodic period (سنڊڪ پيرڊ) **n.** the time between two successive conjunctions of a heavenly body with the sun, قمري دؤر، وضعي دور.

synoecete or sinoekete (سنيسيٽ) **n.** a guest tolerated with indifference in an ants' or termites' nest, هم پسند، هم باش، ماڪوڙين يا اڏهيءَ جي ماناري ۾ ٻيو نڌڪو جيت.

synoeciosis (سنسيوسس) **n.** the rhetorical figure of coupling opposites, مخالف جزن جو پاڻ جڙڻ.

synoecious or synoicous (سن اي شيس) **adj.** having antheridia and archegonia in the same group, هم باش نر مادي.

synoecism (سن اي سزم) **n.** union of communities or cities, مختلف علائقن جو پاڻ ۾ ميلاپ.

synoecize (-s-) (سن اي سائز) **vt & vi.** to unite in one community or city-state, هڪ ئي مجلس هيٺ مختلف علائقن جو انتظام.

synonym (سنانم) **n.** a word having the same meaning as another in the same language; a word or term used as an alternative to another of the same meaning; a systematic name to which another is preferred as valid, هم معنيٰ، مترادف، ساڳي معنيٰ جو لفظ. لفظ مترادف، هڪ يا ساڳي معناڻون حرف.

synonymic or synonymical (سنانمڪ آر سنانمڪل) **adj.** of, consisting of, relating to, synonyms, هم معنيٰ لفظن جي باري ۾، مترادفات.

synonymicon (سنانمڪان) **n.** a dictionary of synonyms, هم معنيٰ لفظن جي لغت.

synonymist (سنانمسٽ) **n.** a person who studies synonyms, or the different names of plants and animals, هم معنيٰ لفظن جو چونڊيندڙ ۽ سهيڙيندڙ.

synonymity (سنانمٽي) **n.** the fact or quality of being synonymous, ساڳي معنيٰ واري لفظ هجڻ جي خاصيت.

synonymize (-s-) (سنانمائز) **vt.** to be synonymous with or a synonym for; to give, or analyse, the synonyms of; to exemplify, embody, هم معنيٰ بنائڻ. هم معنيٰ لفظن جي تشريح ڪرڻ.

synonymous (سنانِي مَس) **adj.** having the same meaning, هم معنيٰ وارو. ساڳي معنيٰ وارو. سم آرٿي.

synonymy (سنانِي مي) **n.** rhetorical use of synonyms; a setting forth of synonyms; a list of synonyms, هم معنيٰ نظام، سم آرٿي، پستڪ، معنيٰ جي ساڳيائپ.

synopsis (سناپسِس) **n.** a general view; a summary or outline (esp of a book), اختصار، خلاصو، خاڪو، سارپتر، تات پرچ، سارسنگره، سازنش، سنڪشيپ.

synopsize (-se) (سنا پسائز) **vt.** to make a synopsis of, اختصار ۾ بيان ڪرڻ، خلاصو ناهڻ مختصر ڪرڻ.

synoptic or synoptical (سناپٽڪ آر سناپٽيڪل) **adj.** affording or taking a general view of the whole, مختصر، جامع، هم نظر، سار پوت، اخصار، تت.

synoptist (سناپٽسٽ) **n.** one of the writers of the Synoptic Gospels, انجيل جا مختلف لکڻ وارا جيئن متي، مارڪ، لوڪا وغيره).

snoptosis (سناسٽوسس) **n.** complete union of bones, هڏي ميلاپ، هڏي سازي.

synovia (سنو ويا) **n.** a viscous, glair-like lubricating fluid in the joints and in the tendon sheaths and capsular ligaments surrounding joints, سٿيءَ (جوڙن جو) سٿيو ڪنڊڙ مادو.

synovial membrane (سنوويل ميمبرين) **n.** a membrane of connective tissue that lines tendon sheaths and capsular ligaments and secretes synovia, سٿيو پردو.

synovitic (سنوٽڪ) **adj.** pertaining to synovitis, سٿيي پردي متعلق.

synovitis (سنوٽس) **n.** inflammation of a synovial membrane, سٿيي پردي سوڄ.

synroc (سنراڪ) **n.** a type of synthetic rock developed especially to fuse with radioactive waste and remain stable over geological time, for burial deep underground, هترادو ناهيل معدني مادو.

syntan (سنٽن) **n.** a synthetic tanning agent, (چمڙي لاءِ) هترادو رنگ وارو مادو.

syntagma or syntagam (سنٽنگما آر سنٽنگم) **n.** a systematic body, system or group; a word or words constituting a syntactic unit, علم املا مطابق صحيح ۽ مناسب لکت يا جملا.

syntax (سن ٽڪس) **n.** a grammatical structure in sentences; one of the classes in some RC schools;

systematic order of arrangement of elements; a set of rules for combining the elements of a programming language into permitted construction, علم نحو. جملن جي بناوت. نحوي ترڪيب.

syntenosis (سنٽنو سس) **n.** the connection of bones by tendons, ڏوريءَ وارو هڏي جوڙ.

synteresis (سنٽيريسس) **n.** conscience as a guide to future action, مشاهدو. تجربو. چڪاس. ضمير. اندر جو آواز جيڪو مستقبل بابت رهنمائي ڪري.

syntexis (سنٽيڪسس) **n.** liquefaction; melting; wasting, ڳرڻ. سڙڻ. ڳري پاڻي ٿيندڙ. ڳرندڙ.

synthesis (سنٿيسس) **n.** building up; putting together; making a whole out of parts; the combination of separate elements of thought into a whole; reasoning from principles to a conclusion, ترڪيب. اتصال. آميزش. ملاوٽ. سنجوڳ. ڪيميائي ترڪيب. ميلاپ. مختلف حصن جي گڏيل هڪ صورت. جدا جدا خيالن کي گڏي هڪ نظريي جو قيام. مختلف اصولن کي گڏي حاصل ڪيل منطقي نتيجو.

synthesize (-s-) (سنٿيسائز) **vt.** to put together in synthesis; to form by synthesis, ترڪيب ڏاهڻ. ملائي ڏاهڻ. جز ملائڻ. ملائي بيهارڻ.

synthesizer (-s-) (سنٿيسائزر) **n.** a person who, or thing which, synthesizes; a computerized instrument for generating sounds, often beyond the range of conventional instruments used esp in making electronic music, ملائيندڙ. ترڪيب ڪار. جزا ملائيندڙ (ماڻهو يا مشينون).

synthetic or synthetical (سنٿيٽڪ آر سنٿيٽيڪل) **adj.** a synthetic substance; pertaining to consisting in, or formed by, synthesis; artificially produced but of similar nature to, not a mere substitute for, the natural product; not sincere; sham, ترڪيبي. مصنوعي. ڪرترم. هٿرادو. ملاوٽي. مرڪبي. نڪليءَ جو. نقلي. هٿ ٺوڪيو.

synthetic drug (سنٿيٽڪ ڊرگ) **n.** a drug made in the laboratory, whether one occurring naturally or an artificial one, ترڪيبي دوا. طبي مادو هٿرادو. طبي هٿرادو دوائون.

synthetic languages (سنٿيٽڪ لئنگويجز) **n.** those that use inflectional forms instead of word order, prepositions to express syntactical relationship, ٻوليون جن ۾ ترڪيبي يا مصنوعي بناوت استعمال ڪئي وڃي.

synthetic philosophy (سنٿيٽڪ فلاسفي) **n.** Herbert Spencer's system, a fusion, as he thought, of the different sciences into a whole, هربرٽ اسپينسر جو فلاسفيءَ جو نظام.

syntheticism (سنٿيٽزم) **n.** the principles of synthesis, a synthetic system, ترڪيبن لاءِ اصول ۽ سرشتا.

synthon (سنٿان) **n.** (within a molecule to be synthesized) a constituent part which can be readily used in the synthesis process, جز جيڪو ترڪيبي جزي طور ڪم اچي. ترڪيبي جزو. ملاوٽي جزو.

syntonic (سن ٽونڪ) **n.** tuned together; showing a normal emotional response to one's environment, هم سُر. هم آوازي. ماحول مطابق مختلف جذبن جو فطري اظهار جيئن بارش ٿيڻ وقت ٻارن جو خوش ٿيڻ.

syntonin (سن ٽونن) **n.** a substance similar to fibrin, foundin muscle, نباتاتي ريشي جهڙو مادو. ڏاڳو. تند. تاندورو.

syntonize (-se) (سن ٽو نائز) **vt.** to adjust to agree in frequency, سُر ملائڻ.

syntony (سن ٽني) **n.** tuning, or agreement in resonance frequency, of radio apparatus, هم سر سازي.

sypher (سائفر) **vt.** to lay (the chamfered edge of a plank) over that of another to make a flush surface, ڪاٺ جي تختن کي جوڙڻ جو طريقو.

syphilis (سفلس) **n.** a contagious venereal disease due to infection with a micro-organism; a person suffering from syphilis, آتشڪ. سوزاڪ. باد فرنگ بيماريءَ ورتل. آتشڪ يا سوزاڪ جو مريض.

syphiloid (سفلائڊ) **adj.** like syphilis, آتش نما. آتشڪ جهڙو. باد فرنگ نما.

syphilogy (سفلاجي) **n.** the study of syphilis, علم آتشڪ. علم باد فرنگ.

syphiloma (سفلوما) **n.** asyphilitic tumour, باد فرنگ ڳوڙهي. سوزاڪي ڳوڙهي. آتشڪي ڦٽ.

syphilophobia (سفلوفوبيا) **n.** a morbid dread of syphilis, باد فرنگ يا آتشڪ بيماريءَ جو ڊپ.

Syrah (سائرا) **n.** a red wine grape; wine made from this, ڳاڙهو انگور. ڳاڙهو شراب.

syringa (سرنگا) **n.** the mock-orange; the lilac; after Linnaeus, the generic name of the lilac, نقلي نارنگي.

syringe (سرنج) **n, vt, vi.** an instrument for injecting or extracting fluids; to clean, spray or inject with a syringe, پچڪاري. سئي. ٽڪن جو اوزار. سئي هڻڻ. ٽڪا هڻڻ.

syringitis (سرنجائٽس) **n.** inflammation of the Eustachian tube, پچڪاري نليءَ سوڄ.

syringomyelia (سرنگومائليا) **n.** a chronic, progressive disease of the spinal cord, causing paralysis and loss of sensitivity to pain and temperature, پٺيءَ جي ڪنڊي جي رڳ جي سوڄ.

syringotomy (سرنگوٽمي) **n.** cutting of a fistula, ناسور جراهي، ناسور تراشي.

syrinx (سرنڪس) **n.** pan-pipes; the vocal organ of birds; a fistula or fistulous opening; a rock-cut tunnel, as in Egyptian tombs, ناسور، پکين جو ٻولڻ ۾ مددگار حصو، ناليدار لنگهه، سرنگهه وارو رستو.

Syrphus (سرفس) **n.** a genus of wasp-like flies that hover and dart, giving name to the family Syrphidae, جنس ڏينڀو مک، ڏينڀوءَ نما مکين واري جنس، ڏنگ هڻندڙ مکين جون جنسون.

syrtis (سرٽس) **n.** a patch or area of quicksand, ريگ روان، چورو ريت، خشڪ ڌٻڻ، ڌٻڻ، دلدل.

syrup (سِرَپ) **n, vt.** a saturated solution of sugar boiled to prevent fermentation; any thick sweet liquid; a sugar-flavoured liquid medicine; cloying sweetness; to make into syrup; to cover, fill with syrup, شربت، شيرو، عرق، رس، مٺي رب، چاشني، رُب.

syssarcosis (سسارڪوسس) **n.** the connection of one bone with another by intervening muscle, تاندوري جوڙ، هڏاوان جوڙ.

systaltic (سس ٽئل ٽڪ) **adj.** alternately contracting and dilating, pulsatory, نبض ڌبڪڻ، (رت جي دوري سبب) نبض جو ڌڪ ڌڪ ڪرڻ.

system (سسٽم) **n.** anything formed of parts placed together or adjusted into a regular and connected whole; a set of things considered as a connected whole; a group of heavenly bodies moving mainly under the influence of their mutual attraction; a set of bodily organs of similar composition or concurring in function; the bodily organism; one of the great divisions of the geological strata, subordinate only to the division into Palaeozoic, Mesozoic and Cainozoic; a plan of action; a method of procedure; a method of organization; an organized set of computer components (hardware) which interact to allow the processing of data; the operating procedures and computer hardware and software required; a systematic treatise; a group of verses; a body of doctrine; a theory of the universe; a full and connected view of some department of knowledge; a scheme of classification; a manner of crystallization, سرشتو، نظام، قاعدو، ترتيب، دستور، منڊل، ترڪيب، لپاءُ، شاستر، درسن، ستاءُ، ربط وضبط، نظم ونسق، ڍول، طريقو، ناهه، سجل، سمپرداءِ، اصول، ست، بندوبست، ريت، ڍنگ، جڳت، شعر، معدنيات جي ترتيب جو نظام، (ڪمپيوٽر جو) سرشتو، ڪرم جهان نظام، نظام شمسي، سورج منڊل، ڪنهن علم بابت ترتيبي ڄاڻ يا معلومات، ستارن جو ميڙ جيڪي هڪ ٻئي جي ڪشش جي اثر هيٺ ڦرن، جسم جا ڪجهه عضوا جيڪي پاڻهون، گرڊا ۽ ڦڦڙ، ترتيب وار دستاويز يا معاهدو، شعري ديوان، قاعدن، قانون جو ڪتاب، آئين.

systematic or systematical (سسٽميٽڪ آر سسٽميٽيڪل) **adj.** pertaining to, consisting of, for the purpose of, observing, or according to system; methodical; habitual; intentional, سرشتي وار، منظم، ترتيب وار، اصولي، ريتائون، ستائتو، علم نفسيات، ناهائتو، سجلائتو، تجويزائتو، ستائتو، ترتيب وار، باترتيب.

systematics (سسٽميٽڪس) **n.sing.** the science of classification; the study of classification of living things in accordance with their natural relationships, علم سرشتي بندي، اصول جماعت بندي يا درجي بنديءَ جو علم.

system building (سسٽم بلڊنگ) **n.** building using standardized factory-produced components, هڪ جهڙي عمارت سازي، اڳ ناهيل جزن يا عمارتي سامان مان عمارت ٺاهڻ.

systemic (سسٽمڪ) **adj.** pertaining to the bodily system or to a system of bodily organs; affecting the body as a whole; (of a pesticide) spreading through all the tissues, without harming the plant but making it toxic to the insects; (of herbicide) spreading through all the tissues of a plant and killing it, بدني، جسمي، سموري جسم جو، سرشتائي، جسماني، مجموعي جسماني نظام.

systemless (سسٽمليس) **adj.** without system; not exhibiting organic structure, بي نظام، بي اصول، بي جسم، بي بدن.

systems analysis (سسٽمس اينالسس) **n.** the analysis of a complex process or operation in order to improve its efficiency, esp by applying a computer system, (ڪمپيوٽر ذريعي) مليل معلومات جي چند ڇاڻ ڪرڻ ۽ ان کي بهتر ڪرڻ جو طريقو.

systems analyst (سسٽم اينالسٽ) **n.** a person who analyses the operation of a scientific, commercial or industrial procedure, with a computer, in order to plan more efficient methods, better use of equipment, or the introduction of computers into the operation, (ڪمپيوٽر ۾) معلومات جي چند ڇاڻ ڪرڻ وارو ماهر، بهتر استعمال جي ڄاڻ رکندڙ، مختلف ڪم ونڊڙ.

systems engineering (سسٽم انجنيئرنگ) **n.** a branch of engineering that uses information theory and systems analysis to design integrated systems,

(ڪمپيوٽر جي) انجنيئري معلومات کي پرکڻ جو علم.

systems flowchart (سسٽمس فلوچارٽ) **n.** (comput) a flowchart designed to analyse the operation of a computing system with a view to improving it, (ڪمپيوٽر ذريعي) معلومات کي چارٽ جي شڪل ۾ ڏاهي بيهارڻ ۽ ضرورت وقت ان کي بهتر ڪرڻ.

systems programme (سسٽمس پروگرام) **n.** (comput) a software programme which controls the operation of a computer system, (ڪمپيوٽر جو) نظام. سرشتو.

systems software (سسٽمز سافٽ ويئر) **n.** (comput) a set of programmes used to run the operating system of a computer, making it usable and controlling its performance, (ڪمپيوٽر جي لاءِ) هلائڻ جو نظام. سرشتو.

systole (سسٽولي) **n.** rhythmical contraction, esp of the heart; collapse of nucleus in mitosis; the shortening of a long syllable, دل جو سسڻ. دل جي شريانن جو سسڻ. ڊگهي اچار يا پد کي ننڍو ڪرڻ.

systyle (سسٽائل) **adj, n.** having an intercolumniation of two diameters; such an arrangement; a building or part constructed in this way, هر ٿنڀي جي وچ ۾ ٻن ٿنڀن جيترو فاصلو. هر ٿنڀي کي ٿنڀو ٻه ٿنڀن جي موٽائي تي هجي. هر ڪالر. هر ليڪ.

syver or **siver** (سائور) **n.** a drain; a grating over a drain, موري. ڪسي. نالي.

syzygy (سزي جي) **n.** conjunction or opposition; the period of new or full moon; a dipody, ملاوت يا مخالفت وارو وقت. چنڊ جو شروعاتي دور يا مڪمل ٿيڻ وارو دور.

Szekely (سڪي لي) **n.** a Transylvanian Magyar, هنگريءَ جي هڪ قوم جو باشندو. هنگري جو هڪ وڏو قومي گروهه.

T

T, t (ٽي) the twentieth letter in the modern English alphabet, eighteenth in the Roman; an object or mark in the form of the letter T; as a medieval Roman numeral T= 160, جديد انگريزي آئيويتا جو ويهون اکر. ٽي جي شڪل. ٽيءَ جي الگن ۾ برابري قيمت ١٦٠ .

Ta (ٽا) **n.** tantalum, ٽاٽوي (ٽاٽو)، چمڪدار خاڪي پلاٽينير عنصر جو نشان.

Taal (ٽال) **n.** Afrikaans or Cape Dutch (Du), ڏکڻ آفريڪي ملڪ يا ڪيپ ڊچ وارو علائقو.

tab (ٽب) **n.** a small flap or projecting piece. ڇهنب، چپ، بوٽ جي ڏاڪي جي ڇهنب. ڦڙڪو. ڳاٽائو. پالي. ڪابہ ٻاهر تي نڪتل معمولي شيءِ.

tabanid (ٽبنڊ) **n.** any member of gadfly blood-sucking genus, or of its family, eg the horsefly, ٻٽيٽي مک. پٺاٺ ڪندڙ مک. رت چوسيندڙ مک. گهوڙي مک.

Tabanus (ٽبنس) **n.** the gadfly genus, گهوڙي مک واري جنس.

tabard (ٽبرڊ) **n.** a medieval peasant's short-overcoat or cloak; a knight's sleeveless or short-sleeved coat; a herald's coat bearing a coat-of-arms; a woman's outer garment, a sleeveless tunic, آڳاٽي وقت ۾ ڪڙميءَ جي پوشاڪ وڏين ۽ ويڪرين ٻانهن وارو جُبو. نقيب جي پوشاڪ.

tabaret (ٽبريٽ) **n.** an upholsterer's striped silk fabric, with alternate stripes of watered and satin surface, تلهو لهردار يا پٽاپٽي ريشم جي ڪپڙي جو قسم. پوش وارو پٽاپٽي تلهو ريشمي ڪپڙو.

tabasheer or **tabashir** (ٽبشير) **n.** a siliceous substance sometimes found in crude form in hollows of bamboos (also prepared by chemical processes) and used in Eastern medicine (Hindi, Pers, Ar), تباشير مادو. طبي مادو. طبي نالو. هي طب مشرقي جي نسخن ۾ استعمال ٿيندڙ اهم دوا جو نالو آهي.

tabbinet or **tabinet** (ٽبينيٽ) **n.** a more delicate kind of tabby resembling damask, used for window curtains, پردن لاءِ تلهو پٽا پٽي اڃي ريشم جهڙو ڪپڙو.

tabbouleh (ٽبولي) **n.** a Mediterranean salad introduced from Lebanon, made with cracked wheat, tomatoes, cucumber, mint, parsley, lemon juice and olive oil (Ar), لبناني سلاد جو قسم. ڪچومبر جو قسم. سلاد.

tabby (ٽبي) **n, adj, vt.** a coarse waved or rich watered silk fabric or other stuff; an artificial stone; a tabby-cat; a gossiping, interfering woman; a girl or woman; a cat of a brindled colour; to water silk or cause to look wavy, رنگ برنگي ڪپڙو. چٽڪمرو. لهر دار. پٽاپٽي. ابلق. ريشمي ڪپڙو. چٽڪمري ٻلي. اجايو ٿپي پولڏڙ عورت. ڪنواري ڇوڪري يا عورت. ريشمي يا ريشم جي ڏک ڏيندڙ ڪپڙو. لهردار ريشمي لهردار ڪپڙو. لهردار واران واري ٻلي. پٽاپٽي کل واري ٻلي. ڪپڙي کي لهردار نمولي جو بنائڻ. ڪپڙي کي سندس رنگ ۾ لهردار صورت ڏيڻ.

tabby cat (ٽبي ڪٽ) **n.** a brindled cat, esp a greyish or brownish cat with dark stripes; sometimes a female cat; an old maid; a spiteful gossiping woman, چٽڪمري ٻلي (جانور). لهردار رنگ واري ٻلي. لوريٽڙي جهڙي ٻهڪ واري ٻلي. ڪراڙي يا پوڙهي لوڪريالي. چغلخور عورت.

tabefaction (ٽبي فئڪشن) **n.** a wasting away; gradual loss of flesh by disease; emaciation, ڪمزوري. ڏٻرائي. هيڻائي. ڪنگي. ايرائي. سانائي. ضعيفي. بيماريءَ ڪري ڪمزور ٿيڻ.

tabellion (ٽبيلئن) **n.** an official scrivener in the Roman empire and elsewhere, روم ۽ آسپاس جي ملڪن جو

سرڪاري عملدار.

tabernacle (ٽئبرنيڪل) **n, vi, vt.** a booth, tent or movable hut; the tent carried by the Jews through the desert, used as a temple and to house the Ark of the Covenant; a temporary habitation; the human body as the temporary abode of the soul; a place of worship; a receptacle for the vessel containing the pyx, a canopied niche or seat; a canopy; a reliquary; a socket for a mast; to sojourn; to put or enshrine in a tabernacle, ديرو، تنبو، يهودين جو هڪ منڊپ، انساني جسم، خيمو، انسان (جنهن ۾ روح جو ديرو هجي)، وقتي عبادت جي جاءِ، ٿانءِ رکڻ لاءِ ناهيل بيهڪ، ڇَتيءَ واري وهڻ جي جاءِ، ڍڪيل جاءِ، چولداريءَ واري جاءِ، تبرڪدان ڪي بيهارڻ جو سوراخ، مسافريءَ تي روانو ٿيڻ، (يهودين جي) عبادت جي جاءِ ۾ رکڻ يا بيهارڻ، ڇڄي دار طاق، قالب، اڇي لڪرڻ، ديرو ڪرڻ، ڄمي ويهڻ، پوتر پوڄن جي صندوق.

tabernacle-work (ٽئبرنئڪل ورڪ) **n.** ornamental work over niches, stalls, with canopies and pinnacles, or any work in which this forms a characteristic feature, ڇڄن تي ڪيل سينگار وارو ڪم، جاءِ جي مهاڙيءَ جو سينگار وارو ڪم، ڇڄن تي چولدارين جي بيهڪ بيهارڻ.

tabes (ٽيبز) **n.** wasting away; tabes dorsalis; a wasting disease. سڪڻ، مرجهايل، ڪومايل، ڏوبر، ڪنگي (مرض)، دق، سلهه.

tabescence (ٽبيسنس) **n.** wasting; shrivelling, سڪائڻ، مرجهائڻ، ڪومائڻ، سسڻ، ڪهنجڻ، ڪهنجڻ، سيٽجڻ، ڪٻائڻ.

tabes dorsalis (ٽيبس ڊار سيلس) **n.** a complication of syphilis, appearing many years after infection, in which degeneration of the spinal cord causes muscular incoordination, severe pains in the trunk and legs and incontinence, پراڻي ۽ بگڙيل آتشڪ جي بيماري، ڪهني بيماري، باد فرنگ مرض ڪري بدن جي بين عضون جي تڪليف، ڪرنگهي جي سلهه، پٺيءَ جي ڪنڊي ۽ ٽنگن ۾ سور جي تڪليف وارو مرض، واڻي سور.

tabi (ٽئباءِ) **n.** a sock worn with Japanese sandals, with a thick sole and a division for the big toe, جپاني جوراب جو قسم.

tabid (ٽيبڊ) **adj.** relating to tabes; consumative; wasted by disease; emaciated.ڳارينڌڙ يا سسائيندڙ بيماريءَ جي باري ۾، پڪهريل، ڳريل، ڪمزور ٿيل، بيماريءَ ۾ ڳريل، ٻبل ٿيل.

tabla (ٽبلا) **n.** an Indian percussion instrument, a pair of small drums played with the hands (Hindi), طبلو (ساز).

tablanette (ٽئبلانيٽ) **n.** a variant of the card game cassino, تاس جي هڪ راند.

tablature (ٽئبلاچر) **n.** an old notation for lute music, with a line for each string and letters or figures to indicate the stopping, used with modification for other instruments; a tablet; a painting, picture, pictorial representation or work, on a wall. هڪ پراڻي ساز لوط متعلق، بين جي آواز متعلق، هڪ پراڻي چوٽي، بين، متعلق، پٽي، تصوير، سليٽ،تختي، ڪنهن قسم جي ٻي ناهيل شيءِ، ديوار تي نقش نگاري، ديوار تي ڪرڻ واري مصوري.

table (ٽيبل) **n, adj, vt & vi.** an article of furniture having a flat top on legs; a pillar or trestles, for use at meals, work, play for holding things; a flat surface, such as a plateau; a slab or board; a layer; a compact scheme of numerical information, words, facts; a collection of these for reference; a syllabus or index; a condensed statement; a slab with or for an inscription, a slab inscribed with laws; a code of law; a writing tablet; supply of food, entertainment; the company at a table; the sound board of a violin, guitar or similar instrument; a string-course; a panel; a board for painting on; a picture; a broad flat surface on a cut gem; a tabular crystal; a board for a game, eg chess; each half of a folding board; a backgammon board, or the game itself; a quadrangular space on the palm of the hand; a flat gravestone supported on pillars; a board or committee; a dispensing of the communion; a projecting part of a scarfed joint; of, for, like or relating to a table or meals; to put forward (a bill, order or proposal) for discussion in parliament or some formal meeting; to postpone discussion of a bill for some time or indefinitely; to tabulate; to lay on the table; to pay down; to board, ميز، ڪاٺو، فهرست، پتوتري، جدول، نقشو، شرح، پٽي، تختي، تختو، هيري جو مٿيون سڌو پاسو ٿورو ڪري لکيل بيان، تختي صورت بلور، راند جو تختو، پيٺو ٿيندڙ تختو يا پانو، تصوير رسوئي، طعام، دستر خوان، لوح، پوڄن منڊلي، هٿ جون ريکائون، تري، ياداشت، نقشي جي صورت ۾ ناهڻ، سڌو ڪري رکڻ، چوڪڙي، چوپاري، ميداني علائقو، پونو، راشن جو حساب، ساز جو حصو، ڪاڏو پيتو، تختو، تهه، مختلف راندين جا تختا يا ميزون، قبر جو لنگن تي بيهاريل ڪتبو، ڪاميٽي، مجلس، مذهبي جلسو، ٻاهر تي نڪتل تختيءَ نما جاءِ، منصوبو، سناءُ، معاملي کي ملتوي ڪرڻ، اسيمبلي يا مجلس آڏو پيش ڪرڻ، دعا ڪرڻ، بخشش گهرڻ.

tableau (ٽئبلو) **n.** a picture or vivid pictorial impres-

sion; a striking group or dramatic situation; a tableau vivant; a moment or scene in which the action is 'frozen' for dramatic effect, شبيهه. هو بهو تصوير، نمائش، منظر، گونگو ڇهچٽو، ناٽڪ، نقشو.

tableau curtains (ٽئبلو ڪرٽينس) **n.** theatre curtains drawn back and up, to give a draped effect when opened, منظري پردا، (سئنيما) يا ٿيئيٽر جا پردا، پردن جي صورت ۾ بيهاريل ٽڪسات.

tableau vivant (ٽئبلو ويونٽ) **n.** a 'living picture', a motionless representation, often of some famous scene from history, by living people in costume, زنده نمائش، زنده منظر، جيئري جاڳندي تصوير (غير هلندڙ)، گونگو ڇهچٽو، تاريخي منظر پيش ڪرڻ، اداڪارن کي پراڻي زماني جا ڪپڙا پهرائي نماءُ ڪرڻ.

table-beer (ٽيبل بيئر) **n.** light beer for common use, هلڪو بيئر شراب، عام استعمال وارو بيئر.

table-book (ٽيبل بڪ) **n.** a book of writing tablets, memorandum book or notebook; an ornamental book intended to lie on a table; a book of tables, جدول نامو، مختلف ڳالهيون لکڻ لاءِ ڪاپي، سهڻو ۽ خوبصورت ڪتاب، نقشن يا چارٽن جو ڪتاب.

table-cloth (ٽيبل ڪلاٿ) **n.** a cloth for covering a table, particularly at meals, ميز پوش، دستر خوان.

table-cover (ٽيبل ڪور) **n.** a cloth for covering a table, between meal-times, ميز جو ڍڪڻ، ميز پوش، دستر خوان.

table-cut (ٽيبل ڪٽ) **adj.** (of gems) cut with a flat top, سڌي مٿاڇري وارا هيرا.

table-dhote (ٽيبل ڊوٽ) **n.** a common table for guests at a hotel; a meal at a fixed price (as at a hotel) (Fr), هوٽل ۾ گڏ کائڻ جي وهڻ لاءِ عام ميز، مقرر قيمت واري ماني ۽ ٻاچيءَ جو سرشتو.

table football (ٽيبل فٽ بال) **n.** a version of football played on a table with small metal, players usu suspended on rods, that are turned and spun to strike the ball, ٽيبل تي هٿن سان کيڏي ويندڙ فٽ بال راند، ٽيبل تي بيهاريل گڏن واري فوٽ بال راند.

table game (ٽيبل گيم) **n.** a board game, بورڊ تي کيڏي ويندڙ راند.

table knife (ٽيبل نائيف) **n.** a knife for cutting one's meat, with at the table, ٽيبل تي رکيل ڇري (ڪاڌي ڪائڻ لاءِ).

tableland (ٽيبل لئنڊ) **n.** a distinct area or region of elevated land with a flat or undulating surface; a plateau, مٿاهون پٽ، اڀڪبري زمين، پونو، اوچي هموار زمين، سڌي زمين، پڌ.

table-leaf (ٽيبل ليف) **n.** an extension to a table-top, hinged, drawn out or inserted, ٽيبل جا پاسن وارا هيٺ مٿي ويندڙ تختا، ميز کي وڌيڪ ويڪرو ڪرڻ وارا پاسن کان لڳل تختا جيڪي اندر ٻاهر ٿي سگهن.

table linen (ٽيبل لن) **n.** linen table cloths, napkins etc, ٽيبل تي رکيل صفائيءَ وارو ڪپڙو يا رومال، نيپڪين.

table maid (ٽيبل ميڊ) **n.** a woman who sets the table and waits, نوڪرياڻي، خادمه، ٻانهي.

table-manners (ٽيبل مئنرس) **n.** the way a person behaves at the table during meals, ڪاڌي کائڻ جا طور طريقا.

table-mat (ٽيبل ميٽ) **n.** a small mat placed under hot dishes on a table, ٽيبل تي وڇائڻ واريون تڏيون، ننڍيون توئريون.

table money (ٽيبل مني) **n.** an allowance (esp in the services) for official entertainment; a restaurateur's euphemism for cover-charge, خوراڪ جو ڀتو، خدمت جو معاوضو، ٽپ، بيري کي ڏنل خرچي.

table-music (ٽيبل ميوزڪ) **n.** music that can be read by performers at each side of a table, ميز جي پاسن تي ويهي ساز وڄائيندڙن جو ٽولو.

table napkin (ٽيبل نيپڪن) **n.** a paper or cloth piece used at table to protect the clothes and to wipe fingers and lips, ڪاڌي دوران هٿن وغيره اگهڻ لاءِ رومال يا ڪپڙي جو ٽڪر نيپڪين.

table-rapping (ٽيبل ريپنگ) **n.** knocking or tapping sounds on a table, attributed by spiritualists to the spirits of the dead attempting to communicate with the living, ٽيبل تي پيل ٿالهون ۽ چمچن وغيره جو وڄڻ (جنهن بابت چيو ويجي ٿو ته اهي روحن جي ملاقات لاءِ اچڻ جي علامت آهن).

table salt (ٽيبل سالٽ) **n.** fine salt suitable for use at table, ٽيبل تي رکيل لوڻ، ڪاڌي وارو لوڻ، سنهون لوڻ.

table-skittles (ٽيبل اسڪٽلس) **n.** a game in which a suspended ball is swung to known down pegs set up on a board, ٽيبل تي کيڏي ويندڙ هڪ راند.

tablespoon (ٽيبل اسپون) **n.** a large spoon used at table, for serving food, وڏو چمچو (ڪاڌي ورهائڻ لاءِ).

tablespoonful (ٽيبل اسپون فل) **n.** as much as will fill a tablespoon, ڪاڌي واري چمچي جيترو مقدار.

table-sport (ٽيبل اسپورٽ) **n.** the butt of the company at table, ٽيبل جي چوڌاري (رانديگرن جو) ويٺل ٽولو.

tablet (ٽئبلٽ) **n, vt.** a small slab for writing on; a small slab of soap; a small solid piece of medi-

cine, a pill; a device that converts the movement of a specially adapted pen or mouse into digital or analog signals, allowing graphic designs to be displayed on a visual display unit (comput); a slab or stiff sheet for making notes on; a pad of writing paper; a panel, esp inscribed or for inscription; an inscribed plate hung up in fulfilment of a vow; a brittle confection of sugar and condensed milk, made in slabs; to provide with, inscribe on, or make into a tablet, لڪي، تختي، پٽي، گوري، گولي، دوا جي گوري، قرص، تصوير، تصويري فريم، آيتن واري تختي، مٺي ٽڪي، ڪنمٺڙو، تختيءَ جي صورت ۾ ٺاهي رکڻ، صابڻ جي ٽڪي، ڪمپيوٽر کي مائوز رستي هلائڻ وارو سرشتو تختو، پاٽو.

table-talk (ٽيبل ٽاڪ) **n.** familiar talk or conversation, as at table, during and after meals, کاڌي جي ميز تي ڳالهه ٻولهه، ڪچهري.

table tennis (ٽيبل ٽينس) **n.** an indoor game like lawn tennis played on a table using hollow balls of celluloid or similar light material, ٽيبل ٽينس راند.

tabletop (ٽيبل ٽاپ) **n.** the top of a table; a flat top, ٽيبل جو مٿيون تختو، لسو تختو.

table-turning (ٽيبل ٽرننگ) **n.** movements of tables (or other objects) attributed by spiritualists to the agency of spirits, and by the sceptical to collective involuntary muscular action; the practice of turning tables, روحن جي اچڻ ڪري ميز ۽ ان قسم جي ٻئي سامان جي پاڻ مُرادو چُر پر، حالتون آڻيون ٿيڻ (ڪنهن ڊر جون)

tableware (ٽيبل ويئر) **n.** the plates, glasses, spoons, knives, forks, for table use, ٽيبل تي رکيل کاڌي جا ٿانو، چمچا، ڪانٽا، ڇريون وغيره.

table water (ٽيبل واٽر) **n.** potable water suitable for the table, معدني پاڻي، (ميز تي رکيل) عام پيئڻ جو پاڻي.

table wine (ٽيبل وائين) **n.** an ordinary wine intended for drinking with a meal, عام شراب جو قسم (جيڪو کاڌي دوران واپرائجي).

table-work (ٽيبل ورڪ) **n.** (printing) the setting of type for tables, columns of figures etc, ڇپائي لاءِ تيار ڪم.

tablier (ٽيبلي ئر) **n.** an apron; part of a girl's or woman's dress resembling an apron; an overall buttoning behind (Fr), ايپرن، جُبو، پويان بٽڻ لڳل ويس (جيڪو ڪم ڪار وقت پاتو وڃي).

tabloid (ٽئبلائڊ) **n, adj.** a newspaper with small format, measuring 30x40 cm (about 12x16 inch), rather informal or sensationalistic in style and with many pictures; anything in a concentrated form, a summary; of, for, or in the form of, tabloid newspapers; (of television programmes) designed to appeal to a mass audience; concentrated, ننڍي ماپ واري اخبار، رسالو، مخزن، ڊائيجسٽ، ٽيليويزن جا معلوماتي پروگرام.

taboo or **tabu** (ٽبوُ) **adj, n, vt.** strongly forbidden by social custom as being offensive or likely to cause social discomfort; subject to taboo; any recognized or general prohibition, interdict, restraint, ban, exclusion or ostracism; orig a Polynesian (or other) system of prohibitions connected with things considered holy or unclean; anyone of the prohibitions, to place under taboo; to forbid approach to or use of, منع، پليل، حرام، ٻَل وجهڻ، منع ڪرڻ، ٻل، منع وجهڻ، حرام رکڻ، نهرائڻ، بندش وجهڻ، پابندي پيل، جهلڻ، روڪڻ، ديني منع نامو خارج ڪيل جهليل پابندي وڌل شيون، منع ڪيل، جهليل، حرام ڪيل، جدا رکيل، اها جڳهه جتي وڃڻ جي منع ڪيل هجي، ڪنهن جاءِ تي اچڻ وڃڻ کان روڪڻ، پابندي وجهڻ.

tabor or **tabour** (ٽيبر) **n, vt.** a small drum like a tambourine without jingles, played with a stick held in one hand, to accompany a pipe held in the other; a taborer; to play on a tabor; to beat on drum, طبلو، ڍولڪ، مردنگ، پکواز، پکاوج، ڍولڪ نواز، دهلاري، طبلي نواز، مردنگ نواز، طبلو وڄائڻ، ڍولڪ وڄائڻ، دهل وڄائڻ.

taboret or **tabouret** (ٽئبريٽ) **n.** a small tabor; low stool, drum-shaped; an embroidery frame, a tambour, ننڍو اسٽول، صندلي، ڪارچو، منجي، ڀرت ڀرڻ جو فريم، ڪارب، مهرن واري بيهڪ، مرجان جي اڀي ورهاست، گول دٻي شڪل اسٽول، دف، دهل، تمبور.

taborin or **tabourin** (ٽئبرن) **n.** a small drum longer in body than the tabor, used in a similar way, دُهلڙي، ڍولڪ، ڍولڪي.

tabula (ٽئبولا) **n.** a writing-tablet; an altar frontal; a flattened structure; a horizontal partition in corals, ڦرهي، پٽي، لوح، تختي، سليٽ، ورهاست واري پٽي، ديول جي اندروني پردي.

tabular (ٽئبيولَر) **adj.** in form of, like or according to, a table or tablet; having a flat surface; laminated; platy; set in columns; horizontally flattened, ميز وانگي، نقشي وار، جدولي، چوڪنڊيدار، ياداشت جي صورت ۾ آڻڻ، چوڪنڊيدار خانن سان، ورق ورق، لسو ۽ سنئو متاچرو، چمڪندڙ

سطح. لسو يا سڌو مٿاچرو.

tabula rasa (ٽئبولاراسا) **n.** a smoothed or blank tablet; a clean slate; a mind not yet influenced by outside impressions and experience, ميساريل تختي. صاف حالت. ذهني صفائي. ذهني پاڪائي. اڇوت. ڪورو ٽانڊ.

tabulate (ٽئبيوليٽ) **vt, adj.** to set down in the form of a table or synopsis; tabular; having tabulae, جدولي ترتيب ۾ آڻڻ. جدول نگاري. جدول ٺاهڻ. نقشو ٺاهڻ. چورس سطح سان پٿرن جو نهيل. جدول ڪشي. جدول بڻائڻ. فهرست ٺاهڻ.

tabulator (ٽئبيوليٽر) **adj.** one who or a machine which tabulates data; a device in a typewriter which sets automatically the margins needed in tabular work; a machine which prints lists or tables of data very rapidly from punched cards, on to continuous paper (comput), مرتب. ترتيب ڪار. جدول ڪار. جدول ساز مشين. جدول يا چارٽ جي صورت ۾ آڻيندڙ. چارٽ وغيره ٺاهڻ واري مشين يا ٽائيپ رائيٽر. جدول. چارٽ ٺاهڻ ڪمپيوٽر وسيلي.

tabun (ٽابون) **n.** an organic phosphorus compound, $C_5H_{11}N_2O_2P$, which can be used as a nerve gas (Ger.), مرڪب ڪيميائي ناماتي مادو. انسان جي نسن تي اثر ڪندڙ ڪيميائي مادو.

tacahout (ٽئڪا هائوٽ) **n.** a gall on the tamarisk, a source of gallic acid, لئيءَ جي وڻن تي ٿيندڙ هڪ ڳنڍ. ان ڳنڍ مان ملندڙ تيزابي مادو.

tacamahac (ٽئڪا ماهئڪ) **n.** a gum-resin yielded by several tropical trees; the balsam poplar, or its resin, (مختلف وڻن مان ملندڙ) ڪٿولر. وڻن جي رس.

TACAN, Tacan or **tacan** (ٽئڪن) **n.** an electronic system of air navigation which gives an aircraft a direct reading of distance and bearing from a ground-based transmitter, هوائي جهاز جو طرف ۽ مفاصلو ٻڌائڻ وارو نظام.

tace (ٽيسي) be silent, ماٺ ڪرڻ. چپ ڪرڻ. سانت رهڻ. خاموش رهڻ.

tacet (ٽيسيٽ) is silent (marked on a score as an instruction for a particular singer or instrument), خاموشيءَ واري حالت. ماٺ. چپ. سانت. عمل.

tach or **tache** (ٽئچ) **n.** a fastening or clasp, چمٽو. ڪنڍو. ڪلف. چمٽي. چپٽو.

tacheometer (ٽئڪيوميٽر) **n.** a surveying instrument for rapid measurement of points on a survey, such as distance, elevation, etc, سروي ۾ مخالف طرف جي ٽڪري ۽ صحيح ماپ ڪرڻ وارو اوزار.

tachinid (ٽئڪينڊ) **n.** any dipterous bristly fly of the family whose larvae are parasites of other insects and are therefore useful as a biological control of insect pests, خون پيئندڙ جيت جو ٻچو. ٻين جيتن تي پلجندڙ مک شڪل جيت. مکو.

tachism or **tachisme** (ٽئشزم) **n.** a mid-20c movement in abstract painting characterized by irregular splotches and dabs of colour apparently applied at random for dramatic or emotional effect rather than to represent or express (Fr), ويهين صديءَ جي وچ وارو مصوري جو دور جنهن ۾ مجرد مصوريءَ تي وڌيڪ زور هو.

tachistoscope (ٽڪسٽو اسڪوپ) **n.** an instrument that flashes visual images, sentences, onto a screen for brief, exactly measured intervals of time, used to test speed of perception and comprehension, and to increase reading speed, مفاصلي بين. رفتار پرکئو.

tacho (ٽئڪو) **n.** a tachograph or tachometer, مفاصلي نگار. رفتار نگار.

tacho- (ٽئڪو) combining form: denoting - speed, رفتار.

tachogram (ٽئڪو گرام) **n.** a record made by a tachograph, مفاصلي جو نقشو. رفتار جو نقشو.

tachograph (ٽئڪو گراف) **n.** a recording tachometer; a tachogram; an instrument fitted to commercial vehicles to record mileage, speed, number and location of stops, مفاصلي نگار. رفتار نگار. مال ڍوئيندڙ گاڏين ۾ لڳل پرزو يا اوزار جيڪو انهن جي رفتار. ڪيل مفاصلو ۽ بيهڻ وارين جاين بابت مڪمل صورتحال ٻڌائي.

tachometer (ٽئڪو ميٽر) **n.** (in vehicle) a device showing speed of rotation; instrument for measuring the velocity of machines or currents, مفاصلي پيما. رفتار پيما. رفتارماپ. مفاصلي بين. مختلف مشين جي هلڻ جي رفتار ٻڌائيندڙ اوزار.

tachy- (ٽئڪي) combining form : denoting - fast, rapid, تکو. تيز. تکڙو. جلدي. ڦڙڪ. ڌڙڪ. حرڪت.

tachycardia (ٽئڪي ڪارڊيا) **n.** abnormal rapidity of heartbeat, دل جي حرڪت جي غير معمولي واڌ. دل جو ڦڙڪڻ. ڌڙڪڻ جو وڌڻ.

tachygraph, tachygrapher or **tachygraphist** (ٽئڪي گراف. گرافر. يا گرافسٽ) **n.** a shorthand writer, a stenographer or practitioner of tachygraphy, مختصر نويس. مختصر نويسيءَ ۾ لکندڙ طرفان تيار ڪيل نمونو.

tachygraphy (ٽئڪي گرفي) **n.** a shorthand, esp that used by the ancient Greeks and Romans; the abbreviated form of Greek and Latin found in med-

ieval manuscripts, مختصر لويسي. يوناني ۽ رومن جو ڪهت اکريءَ جو نمونو. مسودن جي صورت ۾ مليل پراڻو مواد.

tachylyte or **tachylite** (ٽڪي لائيٽ) **n.** a black opaque glass occurring as a thin selvage to intrusive basalt, ڪانچ. ڪارو پٿر. قدرتي بلوري پٿر.

tachymeter (ٽڪي ميٽر) **n.** a tacheometer, زميني ماپ ڪرڻ وارو اوزار.

tachyon (ٽڪيون) **n.** a theoretical elementary particle moving faster than light, بجلي کان به تيز رفتار (بنيادي) الو.

tachyphasia or **tachyphrasia** (ٽڪي فيسيا. ٽڪي فريسيا) **n.** abnormally rapid or voluble speed, غير معمولي رفتار. تمام تيز رفتار.

tachypnoea or **tachypnea** (ٽڪي پنيا) **n.** abnormally rapid respiration, غير معمولي تکڙا ساهہ کڻڻ.

tacit (ٽسٽ) **adj.** implied but not spoken; silent; unspoken; understood without being expressed directly. چپ. ماٺ. ماٺ وارو. خاموش. خاموشيءَ جي (رضا مندي). ماٺ ۾ (ڏسندڙ). سمجهيل. آڏ يا هَر. ساڪت. چوڻ کانسواءِ. چوڻ يا ٻڌائڻ کان سواءِ مطلب سمجهڻ.

tacitly (ٽسٽلي) **adv.** in a tacit manner; silently, by implication, without words لڪ چپ ۾. ماٺ ميٺ ۾. ماٺ ڪري. ڪجهڻ کانسواءِ.

taciturn (ٽسي ٽرن) **adj.** habitually silent; disinclined to speak, reticent, uncommunicative, ٿور ڳالهائو. مانيٺو. مولي. ڪم گو. ڪند ذهن.

tack[1] (ٽڪ) **n, vt, vi.** a short, sharp nail with a broad head; a long loose temporary stitch; a slight fastening strip; a rope or other fastening for the sails; the course of a sailing ship with respect to the side of the sail against which the wind is blowing; an alternate course in zigzag to take advantage of wind blowing from the side when sailing to windward; a course of action; a direction taken in argument, thinking; a change of policy, a strategical move; something tacked on; stickiness; to attach or fasten, esp in a loose, hasty or impermanent manner, eg by tacks or long loose stitches; to append or affix; to change the course of (a sailing ship) by a tack; to steer (a sailing ship) by tacking; to change the course or tack of a ship by shifting the position of the sails; to zigzag; to shift one's position, to veer; to change one's position or behaviour, often abruptly, ميخ . ڪوڪو. اسڪرو. وڏي مٿي واري ڪلي. ڪچو بخيو. زپ چين. زپ پٽي. پٽي. ڏورو. ڏوري . رسي. رسو. واڌ. ڪنڌ پاسو. جهاز جو هوا رخ وارو پاسو. هوا جو فائدو وٺڻ لاءِ جهازجي رخ کي هوا جي رخ تي ڦيرائڻ. طريقہ ڪار. بحث ۾ اختيار ڪيل رخ. سوچ. خيال. پاليسي. مٽائڻ. حالتن مطابق پلٽو کائڻ. نئون يا بدليل طريقو اختيار ڪرڻ. ميخ هڻڻ. ڳنڍڻ. جوڙڻ. منسلڪ ڪرڻ. ٽالڪو. کل. ريزا ميخ. ليٽي. چالو. سلائي. ڦڪو. تجويز. لڳائڻ. ٽانڪڻ. ڪوڪ ڪرڻ. ڪچي سلائي ڪرڻ. ڪڙو ڪرڻ. ڦٽڪو هڻڻ. جوش آڻڻ. چاپڻ. هلت بدلائڻ. جهاز جو رخ مٽائڻ. سنجت. جالور جولڻ. چوٽ ٻڌڻ. سنجڻ جو ساز سامان.

tack[2] (ٽڪ) **n.** food generally, fare, esp of the bread kind, such as hard tack (ship's biscuit), soft tack (loaves), کاڌو پيتو. سيڌو سامان. راشن پاڻي. جهاز ۾ استعمال ٿيندڙ سخت يا نرم ماني. نان . ڊبل روٽي.

tack[3] (ٽڪ) **n.** the sound of a sharp tap, ٺپ ٺپ جو آواز. ٺپڪو. ٺڪڪو. ٺڪڪيءَ جو آواز.

tack[4] (ٽڪ) **n.** riding harness, saddles, bridles, etc, سنج سنجت. سجڻ جو سامان.

tack[5] (ٽڪ) **n. vt.** a tenure; a lease; a leased tenement; a spell; to take or catch, مدو. مقاطعي جو وقت. مقاطعي يا مسواڙ تي ورتل جاءِ. جهلڻ. جهپڻ. روڪڻ.

tack[6] (ٽڪ) **n.** any distinctive flavour, smack, مزو. سواد. ذائقو. لذت. چشڪو. چٽ. باس.

tack[7] (ٽڪ) **n.** any shabby, vulgar or gaudy object or collection of objects; tackiness, بد شڪل شيءِ يا صورت. اگهاڙو مجسمو. فحش شڪليون.

tacket (ٽڪيٽ) **n.** a hobnail, ميخ. وڏو ڪوڪو. ڪِلي. کل ميخ.

tacking (ٽڪنگ) **n.** proceeding by tacks; fastening; fastening by tacks; introducing into a bill (esp a money bill) provisions beyond its natural scope, ٽپ ٽپ ڪري هلڻ. ٽڦ ٽڦ ڪري هلڻ. ٽاڪا هڻڻ. ميخون هڻڻ ڪوڪا لڳائڻ. ڪوڪا هڻڻ. ميخون لڳائڻ. (قانون کان ٻاهر) کهربل رقمون حاصل ڪرڻ لاءِ پارليامان ڏانهن رجوع ڪرڻ. غير مهيا ڪيل خرچن جي گهر ڪرڻ. وڌيڪ مطالبو قائم ڪرڻ.

tackle (ٽڪل) **n, vt, vi.** gear or apparatus; the ropes, rigging, of a ship; tools, weapons, equipment (for sports); ropes for raising heavy weights; a pulley; the act of gripping; an act of tackling; the player positioned one from the end (respectively right or left) on the scrimmage line; to seize or take hold of; to grapple with; to come to grips with; to begin to deal in earnest with; to confront, encounter; challenge; to harness; to seize and stop or inter-

cept a player who has possession of the ball, in an effort to get the ball away, کهريل سامان. کهريل يا ضروري سانجهه. چرخي رسا، سامان سڙو، چرخي، ڳرو بار جهلڻ. (گهوڙو) جوٽڻ. رَسي، ڇڪڻ لڳائڻ. (ڪنهن سان) ٻيچي ڪائڻ. منهن ڏيڻ. ڏسي وٺڻ. سمجهي وٺڻ. جهاز جون رسيون وغيره.

tackle-block (ٽئڪل بلاڪ) **n.** a pulley over which a rope runs, چرخي، ٻلي.

tackle fall (ٽئڪل فال) **n.** a rope for applying force to the blocks of a tackle, چرخيءَ لاءِ رسو يا ڏوري.

tackling (ٽئڪلنگ) **n.** tackle, gear, rigging; harness or the like; furniture or apparatus belonging to the masts, yards, of a ship; harness for drawing a carriage; tackle or instruments; grappling, چرخيءَ جو نظام، جهاز جو ڪوهو، سڙهه ۽ انهن سان لاڳاپيل سامان پڌڻ ۽ ڇڪڻ وارا رسا، چرخيون، پليون وغيره.

tack room (ٽئڪ روم) **n.** a room in a riding stable where the saddles, bridles are kept, اصطبل ۾ سنج رکڻ واري جاءِ.

tacky[1] (ٽئڪي) **adj, n.** shabby; sleazy; vulgar, gaudy, in bad taste; a poor ill-conditioned horse or person, ميرو، گدلو، ڪنو، خراب، ڪميڻو، ڪڌو پاجي، مَٺ پيڙ، چنل ڦاٽل (ڪپڙا)، برين حالين، نيچ لڪر، رواج، عام، گهٽ قسم جو، ساڌارن، هلڪو گهوڙو، ٽڏو ماڻهو، ڪمزور سواري.

tacky[2] (ٽئڪي) **adj.** slightly sticky; (of glue or paint) still slightly sticky after application, چنبڙندڙ، ڪئولر جهڙو مادو، اڻ سڪل رنگ جيڪو هٿ کي چنبڙي.

taco (ٽاڪو) **n.** in Mexican cooking, a very thin rolled pancake with a meat filling, usu fried crisp, قيمي ڀيل مالپي، قيمي وارو بند، قيمي جو رول.

taconite (ٽئڪو نائٽ) **n.** a sedimentary rock containing enough iron to make it a low-grade iron ore, ڪچي لوهه وارو سادو معدني مادو.

tact (ٽئڪٽ) **n.** touch; adroitness in managing the feelings of persons dealt with; the ability to judge what is in peoples minds and to choose the suitable course of action to use towards them, esp. to keep from hurting their feelings; nice perception or discernment in seeing and doing exactly what is best in the circumstances; the stroke in keeping time (music), رمز، چتراڻي، حرفت، حڪمت، اٽڪل، تجويز، آر، عقل، ڏلگ، فراست، ٻين انسانن جي طبيعتن کي سمجهڻ ۽ ان سمجهه کان ڪم وٺي انهن ماڻهن سان اهڙو رويو اختيار ڪرڻ جو انهن جا جذبات مجروح نه ٿين. انسانن سان صحيح طريقي سان پيش اچڻ جو ڏلگ، ٻين کي پاڻ طرف مائل ڪرڻ يا راغب ڪرڻ جو طريقو، موسيقيءَ ۾ ٺهيل وجت، وجت جو هڪ طريقو يا ڏلگ.

tactful (ٽئڪٽفل) **n.** smart; having or showing tact. تجويزائتو، چَتري، رمزي، اٽڪلي، سياڻو، سيتو.

tactic or tactical (ٽئڪٽڪ يا ٽئڪٽيڪل) **adj.** pertaining to taxis or tactism, or to tactics; skilful, adroit, calculated; of weapons or bombing, used to support military or naval operations; a system, or a piece of tactics, حرفت واري تجويز، حڪمت وارو ڪم، فوج لاءِ مددگاري نظام، جنگي فن جو، فوجي يا جنگي حڪمت عملي.

tactical voting (ٽئڪٽيڪل ووٽنگ) **n.** the practice of voting for a political party one does not support in order to prevent the election of a party one is even more opposed to, ووٽ ڏيڻ جو طريقو جنهن ۾ سپ ڪنهن وڏيڪ نه وڻندڙ سياسي پارٽيءَ کي هارائڻ جي ڪوشش طور انجي مخالف پارٽيءَ کي ووٽ ڏيڻ.

tactician (ٽئڪٽي شن) **n.** one skilled in tactics, لڙائي جي فن ۾ هوشيار، رمز باز، جنگي فن ۾ ماهر يا هوشيار.

tacticity (ٽئڪٽيسٽي) **n.** the stereochemical arrangement of units in the main chain of a polymer, ڪيميائي مادن جي بناوت ۾ بيهڪ.

tactics (ٽئڪٽڪس) **n.sing.** the science and art of manoeuvring in presence of the enemy; the means adopted to achieve an end; purposeful procedure, حڪمت عملي، جنگي فن، رمزون، تدبير، ڪيڏون، مقصد حاصل ڪرڻ خاطر اختيار ڪيل طريقو، مقصدي طريقيڪار.

tactile (ٽئڪٽائل) **adj.** capable of being touched or felt; pertaining to the sense of touch; concerned in perception by touch; suggestive of touch, ڇهاءُ جهڪاءُ، ڇهڻ، ڇهڻ جي حواس جي باري ۾، لمسي، ڇهڻ جو.

tactilist (ٽئڪٽيلسٽ) **n.** a painter who aims at tactile effects, مصور جيڪو مصوريءَ ۾ ڇهاءُ جو احساس ڏياري.

taction (ٽئڪشن) **n.** contact, touch, ڇهاءُ، ڇهڻ، ڇهاءُ نما، سپرش، سنجوڳ، سنگم، اِتصال، گڏجاڻي.

tactless (ٽئڪٽ ليس) **adj.** destitute of, or lacking tact; skill less. بي شعور، ڪڍنگو، بي عقل، چٽ، اڏنگو، جاهل، غير اٽڪلي، سادو، بي ڏلگو.

tactual (ٽئڪٽيئل) **adj.** pertaining to or derived from the sense of touch, حواسي، ڇهاءُ عضوي لاڳو، سپرشي، ڇهڻ جو.

tactuality (ٽئڪٽيئلٽي) **n.** tactual quality, ڇهاءُ پذيري، ڇهاءُ جي سگهه.

tad (ٽئڊ) **n.** a small amount; a little lad, معمولي ذرو، ننڍو ٻار، ليگر، ڇيرو، ڇوڪر.

taddie (ٽئڊي) **n.** a tadpole, ڏيڏر جو ٻچو، پيدا ٿي ڏيڏرڙو، ننڍو.

نابالغ ڏيڏر.

tadpole (ٽئڊ پول) **n.** the larva or young of a toad or frog, or of an ascidian, ڏيڏر جو ٻچو، اڻ اسريل ڏيڏر، نابالغ ڏيڏر.

taedium vitae (ٽيڊيم وَاِٽي) **n.** weariness of life, (عمر ڪري) ٿڪاوٽ، سور، درد، بيزاري، حياتيءَ مان ڪڪ ٿيڻ.

tae kwon do (ٽي ڪوانڊو) **n.** a Korean martial art, similar to karate, خالي هٿن سان بچاءَ جو علم ۽ مهارت.

tael (ٽيل) **n.** a Chinese liang or ounce, about 38 gram (1 lb 3 oz); a money of account (nor normally a coin) in China, orig a tael weight of pure silver, چيني وزن (اٽڪل ١١ آئونس)، شروعاتي چانديءَ جو چار تولا وزن، سڪو، نالو.

tael bar (ٽيل بار) **n.** a gold bullion measured used in the Far East (1, 5 and tael weight), سون جي سر، سون جو لڪر.

taenia or **tenia** (ٽينيا) **n.** a ribbon or fillet; the fillet above the architrave of the Doric order; a ribbon-like structure; the tapeworm genus, ڦيٿ، پٽي، ربن، ڦيٿ نما ڪينئان، ڊگها ڪينئان (جيوڙا)، ڦيٿ يا پٽيءَ جهڙي اڏاوت.

taeniacide (ٽينيا سائڊ) **n.** a substance that destroys tapeworms, پيٽ ڪينئن کي ختم ڪندڙ مادو.

taeniafuge (ٽينيا فيوج) **n.** a substance, eg a drug, for expelling tapeworms from the body, ڦيٿ ڪيڙي ڌڪاريندڙ مادو، ڦيٿ ڪيڙا خارج ڪندڙ.

taeniasis (ٽينياسس) **n.** infestation with tapeworms, ڦيٿ ڪيڙي جو مرض.

taeniate or **taenioid** (ٽينيٽ يا ٽينيائڊ) **adj.** like a ribbon or a tapeworm, ڦيٿ نما، ڦيٿ دارڦيٽ واري ڪيڙي شڪل.

taffeta or **taffetas** (ٽفتا يا ٽفتس) **n, adj.** a thin glossy silk or mixed fabric; loosely applied to various similar or mixed fabrics; made of taffeta; florid, over-dainty, ريشمي ڪپڙي جو قسم، بافتو يا تفتان، نرم ۽ ملائم، هٿن ۾ لِءِ ٻيهندڙ ڪپڙو.

taffrail (ٽئفريل) **n.** the rail round the stern of a ship; the upper part of a ship's stern timbers, جهاز جي متين پاسن ڪان ٿيل اڏاوت، اولو، جهنگلو.

Taffy (ٽئفي) **n.** a Welshman, ويلش ماڻهو.

tafia or **taffia** (ٽئفيا) **n.** a type of rum, شراب جو قسم، رم شراب.

tag[1] (ٽئگ) **n, vt, vi.** a tab; a label, esp a tie-on label; an identifying mark or sign; an appendage; a symbol or signature used by a graffiti-writer, eg as a message, means of identification; an electronic tag; a label or marker giving summarized information, descriptions, attributes, which apply to the text following (or if one of a pair, also preceding) it; the metal or plastic point of a lace; any small thing tacked or attached to another; a flap, or a loose or flapping end; a flap of a slashed garment; a shred; a stray, matted or dirty lock, eg of a sheep's wool; the tip of an animal's tail; the tail-end (eg of the batting order in cricket); a trite; quotation; a moral to a story; the closing words of a play, usu addressed to the audience; a refrain; a vehicle licence plate; a parking ticket; the rabble, the common people; anything mean; a piece of brightly coloured wire, fabric, tied to the end of the body of an artificial fly; a footman's shoulder-knot; to put a tag or tags on; to attach as a tag; to put a signature or similar mark on; to mark a text with tags (comput); to fit with an electronic tag, to tack, fasten, append; to dog or follow closely; to give a driver or vehicle a parking ticket; to make tags, to string words or ideas together; to go behind as a follower, چنڪي، نامر چنڪي، نشان، ان جي ڪِتيل رٽ، چيرڙو، رڍ جي ڪرلڊ جي بيماري، نالي چنڪي، ليبل، ڪِهي، ڪوتو، پوئرو، لٽڪڻ، ڳنڍڻ، پنڌڻي لڳڻ، بولاندو، ٿَل، مَرَ، ڪنگر، پڇڙ، ڪٽ خلق، ڦڙڪو، پچ ڪترڻ، پنهان لڳائڻ، ڳنڍي چاڙهڻ، صحيح يا دستخط، ڪو خاص نشان يا نشاني، سجاڳ جو نشان، اليڪٽرانڪ ليبل يا چنڪي، ڪنهن شيءَ بابت بنيادي معلومات ڏيندڙ ڪاغذ، خوبيون، ڪِهيءَ يا ڪشي جو، پلاسٽڪ جو،لوهي چيرڙو، وڏي شيءَ سان ڳنڍ يل ننڍي شيءِ، پٽي، ليڙ، اڻ ٻڌل ڏِڪ، ڦاٽل ڪپڙو، اُن جو اڻ صاف ڪيل مُچو، جانورن جي پڇ جو چيرڙو، (ڪرڪيٽ جو) آخري رانديگر، قول، چوٽي، پراڻو يا ڪهنو لولڪو، ڪنهن ڳالهه يا قصي جو آخري حصو، مقصد، گاڏيءَ جي نمبر پليٽ، چالان، هوام، عام ماڻهو، ڪابہ اجائي شيءِ، تيز رنگ واري تار، ڪپڙي جي چنڪي، ليڙ يا پٽي، نشا ن ڪرڻ، صحيح وجهڻ، ڳنڍ، (ڪمپيوٽر ۾ پيل) معلومات کي خاص نشان ڏيڻ، چنڪي لڳائڻ، ڳنڍڻ، جوڙڻ، چنبڙائڻ، تمام ويجهو ٿي هلڻ، پويان لڳڻ، پٺ لڳ چلڻ، مختلف شين کي ڪٺو ڪري رکڻ، لفظن کي ڳاهي ٻيهارڻ، ٻيهڪ ڏيڻ، پوڪنگ واري حالت ۾.

tag[2] (ٽئگ) **n, vt.** the children's game of tig; the act of putting out a runner by touching him or her with the ball or the hand holding the ball; to tig; to put out (a runner) by a tag, ڪلوتو راند، (راند ۾) رانديگر کي ڪاپائڻ، ڪاپائي ٻاهر ڪڍي چلڻ.

Tagalog (ٽئگ لاگ) **n.** a people of the Philippine Is-

lands; their Austronesian language, فلپائين جي هڪ علائقي جا ماڻهو ۽ انهن جي ٻولي.

tag along (ٽئگ الانگ) **n.** to follow, accompany or trail after someone, esp when uninvited, ڪڏيو هلڻ، پٺيان لڳڻ، پٺيان پٺيان وڃڻ، بچر ٿي چلڻ، پٺ فقير.

tag day (ٽئگ ڊي) **n.** a flag day, خاص ڏينهن، جهنڊو ڦڙڪائڻ وارو ڏينهن.

tag end (ٽئگ اينڊ) **n.** the fag-end, tail-end, چيڙي وارو پاڳو، پويون حصو، چنڪي چيڙو، پڇ جو چيڙو آخري چيڙو.

tagetes (ٽجي ٽيز) **n.** a plant of the Mexican and S American genus of composites with yellow and orange flowers, including French marigold and African marigold, گل زرد گيندو، گيندي جو گل (ٻوٽو) گل جعفري ٻوٽو.

tagged atom (ٽئگڊ ائٽم) **n.** a radioactive isotopic atom of a trace element, نشان ٿيل جوهر، الڳيل ذرڙو.

taghairm (ٽگيورم) **n.** (in the Scottish Highlands) divination; esp inspiration sought by lying in a bullock's hide behind a waterfall, سوڻ، وظيفو، چلو، ڍڳي جي کل ۾ ويهي چلو ڪڍڻ، اڪيلي ڪرڻ، خال ڪڍڻ.

tagliarini (ٽاليارِيني) **n.** pasta cut into flat, very thin stripes.(Ital.), سنين کي تمام ننڍن لڪيرن ۾ ڪٽڻ، سين جا لڪر، سنهيون ڪاتر ٿيل سيون

tagliatelle (ٽلياٽيلي) **n.** Italian pasta made in long ribbons (Ital.), ڊگهيون سيون.

tagline (ٽئگ لائين) **n.** a punch line; a watchword, slogan, خطاب لاءِ اکر، اشاراتي لفظ، تڪيو ڪلام، عادتي لفظ، مثل، ڪهٽي، چولي.

tagma (ٽاگما) **n.** any of the district regions of the body in arthropods and other animals with segmented bodies, eg in insects, the head, thorax or abdomen, مرڪب جسم جو هڪ جدا پاڳو، ڳرين ۾ ورهايل جيون جي هڪ ڳري.

tagmeme (ٽئگمير) **n.** any of the positions in the structure of a sentence into which a certain class of grammatical items can fit, جملي جو اهو حصو جنهن ۾ گرامر وارن لفظن کي ترتيب سان رکجي.

tagmemics (ٽئگميمڪس) **n. sing.** the analysis of the grammar of a language based on the arrangement or positions of the spoken elements, ٻوليءَ جي استعمال ۾ گرامر جو دخل يا استعمال، ڪنهن جملي جي گرامر مطابق جڪاس.

tag question (ٽئگ ڪئسچن) **n.** an interrogative clause added to the end of a statement to invite agreement, لکيل ڳالهه ۾ اهو سوال (مسئلو) جنهن تي متفق ٿيڻو هجي.

tag-rag (ٽئگ رئگ) **n.** the rabble; a fluttering rag; a tatter, هٽ خلق، ليڙ، پٽي، چيڙهه، گرا گنجا، لڏي نمٽي، لچ لفنگا، شودا ياٽي.

tag-tail (ٽئگ ٽيل) **n.** a worm with a tail like a rag, چيڙي، ٻچ، طفيلي پڇ وارو جيت.

taguan (ٽئگوئن) **n.** a large E Indian flying squirrel (Tagalog), مشرقي هندستان جو اڏامندڙ لوريشو، ٽئگوئن لوريٽڙو.

tag wrestling (ٽئگ ريسلنگ) **n.** a contest between two teams of two wrestlers, in which only one wrestler from each team is in the ring at any one time and may be replaced by the wrestler outside the ring after touching the latter's band, ٻن يا ٻن ڪان وڌيڪ راندگيرن جي هڪ ٽيم جو ٻي ٽيم سان ڪشتيءَ جو مقابلو، جوڙن واري ڪشتيءَ جي مئچ يا مقابلو.

taha (ٽاها) **n.** a S African weaver bird (Zulu), ڏکڻ آفريڪي سار چر، ٻوڙي يا وهيو قسم جو پکي.

tahina or **tahini** (ٽاهينا يا ٽاهيني) **n.** an oily paste made of crushed sesame seeds (Ar), ترن جو ڪڙ، چٽيل ترن وارو مادو، ترن جي چٽني.

Tahitian (ٽاهي شِن) **adj. n.** of or relating to Tahiti in the S Pacific; a native or inhabitant of Tahiti; the Polynesian language of Tahiti, ٽاهيتي ملڪ جي باري ۾، اتان جو رهاڪو ۽ انهن جي ٻولي.

tahr or **tehr** (ٽير) **n.** a beardless Himalayan wild goat that frequents forest peaks, هماليا جو جهنگلي ٻڪر، ٽاڪرو ٻڪرو، نر ٻڪرو، ڏکڻ ايشيا ۾ جهنگلي ٻڪرن جا هيٺيان قسم ملن ٿا : هماليي نر - هماليا جبل، نيپال ۽ اتر هندستان، نيل گري نر - ڏکڻ هندستان، عربين نر - عرب ملڪ، اومان ۽ مسقط.

tahsil (تحصيل) **n.** in India, a division of a district for revenue and certain other purposes, تعلقو، تحصيل.

tahsildar (ٽاحصيلدار) **n.** an officer of a tahsil (Hindi), مختيار ڪار، تحصيلدار، تعلقي جو عملدار.

tai (ٽائي) **n.** a Japanese sea bream (Jap), (جپاني) ڦوڪيو، ڏنديو مڇيءَ جو قسم.

taiaha (ٽائا ها) **n.** a Maori weapon in the form of a carved staff, now held during ceremonial public speaking, ماٿوري قوم جو هٿيار جيڪو ڏاٿي والگر آهي.

tai chi or **tai chi chu'an** (ٽائي چي يا ٽائي چوان) **n.** a Chinese system of exercise and self-defence in which good use of co-ordination and balance allows effort to be minimized چيني بچاءَ ۽ پهلوانيءَ واري ورزش، چيني ڪشتي.

Taig (ٽيگ) **n.** (in Northern Ireland) a Catholic, ڪئٿولڪ ڌرم جو، بي تعصب عيسائي.

taiga (تائگا) **n.** marshy pine forest spreading across much of subarctic N America and Eurasia, with tundra to the north and steppe to the south (Russ), مخروطي ٻيلا، ٽندرا جا جهنگ. اتر آمريڪا ۽ يوريشيا جا تمام مٿاهن اترين علائقن جا گهاٽا ٻيلا، تائيگا جو جهنگل.

taigle (ٽيگل) **vt, vi.** to entangle or hinder; to linger or loiter; to trudge, روڪڻ، الڪائڻ، ترسائڻ، رلڻ، لوڙائڻ.

tail[1] (ٽيل) **n, vt, vi.** the projecting termination of an animal behind, usu a slender prolongation beyond the anus; a bird's train of feathers; a fish's caudal fin; anything of similar appearance, position; the back, lower, rear, latter, downstream, weaker or inferior part or prolongation of anything; the rear, stabilizing part of an aircraft, include tailplane, fin and control surfaces, or of a rocket, missile; the stem of a note in written music; a downward extension of a letter; a retinue, suite; a queue; a train; anything long and trailing or hanging, such as a catkin, the luminous train of a comet or long curl or braid of hair; the reverse of a coin; the depleted uranium produced during enrichment; the end of a shoal sloping into deeper water; the weaker batsman at the end of a team's batting order; the skirts of a garment; a tailcoat; evening dress; a person engaged to follow and keep a constant watch on someone; the route or course taken by someone running away; the margin at the bottom of the page, or the bottom edge of the page; the buttocks, backside; the female genitalia or the penis; sexual intercourse; a woman; to provide with a tail; to be a tail; to struggle; to show the tail; to follow closely, to shadow, پڇ، دُلب، پڇڙ، پڇڙي، پويون حصو، پڇاڙيءَ جو، سڪي جو اکرن وارو حصو، اُبتو پاسو، ڏُم، پاسو، پوڇڙ، دمدار، پڇڙ تارو، پڇ جهڙي بيهڪ، ڇيڙو، آخري، ڇيڙي تي، پڇڙيءَ تي پڇاڙي ۾، عبادت واري (ڪچي) جاءِ، هيٺيون حصو، پندڻ، ڪنهن به شيءِ جو ڪمزور حصو، سادو حصو، معمولي حصو، جهاز جو پڇ وارو حصو لڪت واري موسيقيءَ جو ڇيڙي وارو نشان، اکر جيڪو ست کان هيٺ لڪيل هجي، پوئلڳ، (هيٺيون) عملو، اتالو، مددي ڪمي، قطار، ريل، سلسلو، لاڏندڙ يا لڙڪندڙ شيءِ ۽ اُن جو ڇيڙو، وارن جو چوٽو، سادو ابتمي سادو، (ڪرڪيٽ جو) ڪمزور رانديگر، هيٺيان، هيٺين ڌڙ جي پوشاڪ، پويان هلندڙ، نظر رکندڙ، خبر گيري ڪندڙ، پڇ وارو ڪوٽ، شام واري هلڪي پوشاڪ، پڇڻ واري طرفان ورتل رستو، پٺيان لڳڻ، پٺيان پوڻ، پنيءَ جو هيٺيون خالي حصو، پٺي، زنانا يا مردانا عضوا، مباشرت، جنسي عمل، جدوجهد ڪرڻ، پٺي ڏيکارڻ، پڇي وڃڻ، پٺ ۾ چلڻ، پا ڇو وڃڻ، چالو ڪرڻ .

tail[2] (ٽيل) **n, adj.** limitation of inheritance to certain heirs; limited, اُها ملڪيت جيڪا صرف اصلي وارث يا اولاد کي ملي، محدود، مشروط، مدي وارو، محدود مالڪيءَ جو حق.

tail-back (ٽيل بئڪ) **n.** a line of traffic stretching back from anything obstructing or slowing down traffic flow, سوارين جو رنڊڪ ڪري رستي تي بيهي وڃڻ، رستي تي بيٺل گاڏين جي قطار يا لائين.

tailboard (ٽيل بورڊ) **n.** a movable board at the back of a cart, wagon or lorry, ٽرڪ يا بيل گاڏيءَ کي پٺيان لڳائڻ وارو تختو (جو ضرورت وقت ڪڍي ونجي) جهلو، جهل.

tail-boom (ٽيل بوم) **n.** a longitudinal strut supporting the tail of an aeroplane, جهاز جي پڇ جو مددگاري نظام.

tail-coat (ٽيل ڪوٽ) **n.** a man's formal coat, cutaway at the front and with narrow tails at the back, مردانو وڏو ڪوٽ، جيڪو اڳيان مٿي ۽ پٺيان وچ تي ڪٽ واري بيهڪ وارو هجي.

tail covert (ٽيل ڪَو وَرٽ) **n.** any of a bird's covert feathers covering the bass of its tail feathers, پکيءَ جا ڍڪيل کنڀ، پکيءَ جي پڇ جا سنها کنڀ جيئن مور ۽ جهنگ ڪڪڙ جي پڇ جا.

tail end (ٽيل اينڊ) **n.** the latter or fag-end, final and/or inferior part; inferior corn sorted out from better; something that comes at the end, پويون پاسو، آخري حصو، ڇيڙي وارو، آخري پاسو، ڇيڙو، پڇڙي، آخر ۾ ايندڙ، سادو اناج.

tail-ender (ٽيل اينڊر) **n.** someone or something coming at the end, آخري، پويون، ڇيڙي وارو، آخر ۾ ايندڙ.

tail-feather (ٽيل فيدر) **n.** one of the rectrices or stiff rudder-feathers of a bird's tail, used in steering; a feather on a bird's back forming a train, as in the peacock, پکيءَ جا پٺيان کنڀ، مور جا پٺيان وڏا کنڀ، جهنگ ڪڪڙ ۽ مور جي پڇ جا کنڀ.

tail-fly (ٽيل فلاءِ) **n.** (fishing) the fly at the end of the leader, (مڇي پڪڙڻ واري ڏوريءَ کي بڌل) ڪلوڙو يا مَڪ ۽ ان ۾ پيل جيت يا چارو.

tail gate (ٽيل گيٽ) **n, vt.** lower gate of a lock; a tailboard; a door at the back of a car that opens upwards on hinges at its top edge; a jazz style of playing, esp the trombone; to drive dangerously close behind an other vehicle, در تالي جو هيٺيون حصو،

ڪي لڱل تالو. گاڏيءَ جي پوئين حصي جو ڏيک. موسيقي وڄائڻ جو نمونو. ٻي گاڏيءَ جي پٺيان تمام ويجهو هلڻ.

tailless (ٽيل ليس) **adj.** having no tail; an animal or a bird without a tail. لنڊو، بنا پڇ، پڇ ڪانسواءِ.

tail-light (ٽيل لائيٽ) **n.** a red light carried at the back of a train, tram, car or other vehicle, ڪنهن گاڏيءَ جي پوئين ڳاڙهي بتي.

tailleur (ٽئليار) **n.** a woman's tailored suit (Fr), درزيءَ طرفان ماپ مطابق سبيل زنانو وڳو.

tail male (ٽيل ميل) **n.** limitation to male heirs, ملڪيت ڪي مرد وارثن جي حوالي ڪرڻ جي پابندي.

tailor (ٽيلر) **n, vi, vt.** someone whose business is to cut out and make outer garments, esp for men; any of several fish, include the bluefish and the Australian skipjack; a teller stroke; to work as a tailor; to make clothes for; to fit with clothes; to fashion by tailor's work; to make or adapt so as to fit a special need exactly, درزي، ڪپڙن سبڻ وارو. وهيل مڇين جا قسم. ڪپڙن سبڻ جو ڪم ڪرڻ. درزڪو ڌنڌو. ڪپڙا سبي ٻيهڪ ٻيهارڻ .ضرورت يا ماپ مطابق سبڻ.

tailored (ٽيلرڊ) **adj.** tailor-made; wearing well-tailored clothes; well cared for, درزيءَ جو سبيل. چڱيءَ طرح سبيل. سٺا ٻيهڪ وارا ڪپڙا (پائيندڙ). ماپ مطابق سبيل ڪپڙا يا پوشاڪ.

tailor-bird (ٽيلر برڊ) **n.** an Asian warbler of the genus Orthotomus, that sews leaves together to form a nest, چيهي جي قسم جو پکي. ٽون ٽونٽي پکي. هديلو پکي. درجيڙو پکي جيڪو ٻن پن ڪي جوڙي پنهنجو آکيرو جوڙيندو آهي.

tailor-made (ٽيلر ميڊ) **adj, n.** made by a tailor, esp of plain, close-fitting garment for women; exactly adapted for a purpose; a tailor-made garment; a factory-made cigarette, not one rolled by hand. درزيءَ جو سبيل. ضرورت مطابق تيار ڪيل پوشاڪ. تنگ زناني پوشاڪ. ڪارخاني جو ناهيل سگريٽ.

tailormake (ٽيلر ميڪ) **vt.** tailor make specially to suit a particular purpose or person, درزيءَ ڪان سبايل پوشاڪ. خاص مقصد لاءِ تيار ڪيل پوشاڪ.

tailor's chalk (ٽيلرز چاڪ) **n.** a small piece of French chalk used by tailors and dress makers to mark the position of seams, darts on cloth, (نشان لڳائڻ لاءِ) درزيءَ جو چاڪ. نرم چاڪ مان ٺاهيل ٽڪي يا بسڪوٽ جيڪو درزين جي استعمال ۾ هوندو آهي.

tailor's tack (ٽيلرز ٽڪ) **n.** a long loose stitch used to hold fabric to a pattern during cutting, or to mark the position of seams, darts, prior to fitting, ڪچو ٽاڪو. ڪچين ٽاڪن لاءِ نشان لڳائڻ.

tail piece (ٽيل پيس) **n.** a piece forming the tail or end; an engraving design occupying the bottom of a page, at the end of a chapter; a strip of ebony, to which the ends of the strings are attached in a fiddle, پڇ ٽڪرو. پڇڙيءَ وارو حصو. ڪني لڱل ٽڪرو. صفحي جي هيٺان سينگار پٽي لڳائڻ.

tail pipe (ٽيل پائيپ) **n.** an exhaust; the suction-pipe in a pump; to tie a tin can or similar object to the tail of a dog to frighten or annoy it چوس نلي. نلي پچاڙي ڪتي جي پڇ ۾ دٻي يا ڪا شيءِ ٻڌڻ. ڊيڄارڻ يا پسچائڻ خاطر. اخراج وارو نڙو. (پاڻي ڇڪڻ واري مشين جو) پاڻي خارج ڪندڙ نڙو.

tail plane (ٽيل پلين) **n.** horizontal aerofoil on the tail of an aircraft, جهاز جي پڇ واري حصي جو نظام يا ٻيهڪ.

tail race (ٽيل ريس) **n.** the water which runs below a mill-wheel, or from a hydraulically-operated machine etc, هيٺين ڌار جي نالي. پاڻيءَ رستي هلندڙ مشين. نار جي پاڻي آلڻ واري اڏ يا واهڙ (جيڪو پوءِ اڳتي به وهي وڃي).

tail-rhyme or **tailed rhyme** (ٽيل رائم يا ٽيلڊ رائم) **n.** a verse form in which two or more rhymed lines are followed by a shorter line that does not rhyme with the others, شعر جي ٻيهڪ جو نمونو. ٻي سٽرو شعر. نه ڳانڍ جهڙو مصرعو.

tail-rope (ٽيل روپ) **n.** a rope attached to the rear part of anything, پڇڙيءَ واري ٻڌل رسي. پٺيان ٻڌل نوڙي. پڇ والگر ٻڌل رسي (جيئن لنڙ کي).

tail-skid (ٽيل اسڪڊ) **n.** a support under the tail of an aeroplane on the ground; (in a motor vehicle) a skid starting with the rear wheels, هوائيءَ جهاز جي پڇ لاءِ (زمين تي) مددگاري نظام. پوين ڦيٿن تي هلڻ واري گاڏي.

tail spin (ٽيل اسپن) **n.** an uncontrolled spinningfall by a plane, in which the tail spins in a wider circle than the front; a state of panic or frenzy, هوائي جهاز جو وچ ۾ تمام تيزيءَ سان گول ڦرڻ. لڪ بنسبت پڇ رستي گول ڦري هيٺ اچڻ. تمام تيزيءَ سان هيٺ لهڻ. تڪليف يا مصيبت واري صورتحال.

tail stock (ٽيل اسٽاڪ) **n.** a slidable casting mounted on a lathe, aligned with the headstock, used to support the free end of the piece being worked on, پڇڙيءَ وارو ذخيرو. آخري موجودات. ليٿ مشين تي لڱل جهلڻ وارا پرزا. جن تي شيءِ کي جهلي ان تي ڪم ڪري سگهجي.

tail wheel (ٽيل وهيل) **n.** a wheel at the rear of a vehicle, esp that under the rear end of an aircraft, گاڏيءَ جا پويان ڦيٿا. جهاز جو پويون ڦيٿو.

tail wind (ٽيل ونڊ) **n.** a wind coming from behind. پوئيان لڳندڙ هوا، پٺيءَ پر ايندڙ هوا، پوئين هوا.

taint (ٽينٽ) **n, vt, vi.** a stain or blemish; pollution; infection; a tincture of some evil quality; a contaminating or corrupting influence; a latent or an incipient defect or corruption; attaint; a hit in tilting; tint, tinge; to defile; to infect; to vitiate; to affect or imbue with anything objectionable; to contaminate; to impart a taint to, to tarnish; to taint; to touch in tilting; to tint, tinge; to become infected or rotten; to go bad; to weaken, wilt, wither, داغ، ٽڪو، چٽو، عيب، ڪارڻ، خراب، داغ لڳائڻ، چوٽ، مرض جو نشان، اثر، ساڙ، آلودگي، آلائش، ڪارنهن جو ٽڪو، عيب، ڪلنڪ، داغڻ، بگاڙڻ، ڪنو ڪرڻ، ڪنو ٿيڻ، ڪبجڻ، ڪنو، داغي، بانس ڪرڻ، خراب ڪرڻ، ڪلنڪ لڳائڻ، ڪمزوري، ڪمزور ڪندڙ عمل (راند ۾)، ڊڪ، نشان، بد نما، اعتراض جهڙي شيءِ سان ڳنڍڻ، سڙڻ، بيماري لڳڻ، عذاب ٿيڻ، ڪمزور ڪرڻ، سڙيل، ڳريل بانسدار، بگڙيل.

tainture (ٽينچر) **n.** defilement, نجاست، پليتائي، ناپاڪائي، آلودگي.

taint-worm (ٽينٽ وَرم) **n.** a worm supposed to infect cattle, چوپائي جانورن کي لڳندڙ ڪيڙو.

taipan[1] (تائي پئن) **n.** a large venomous Australian snake, آسٽريليا ۾ ٿيندڙ وڏو زهريلو نانگ، آسٽريلين پين بلا، آسٽريليا جو ڪاريهر نانگ جيڪو زهريلو هوندو آهي.

taipan[2] (تائي پئن) **n.** a foreigner living in China and head of a foreign business there (Chin), چين ۾ رهندڙ پرڏيهي، غير ملڪي، جيڪو اُتي واپاري اداري جو مالڪ هجي.

taisch or **taish** (ٽائش) **n.** (in the Scottish Highlands) an apparition or voice, esp of someone about to die; second-sight, غيبي آواز، غيبي سڏ (جنهن لاءِ چيو ٿو وڃي ته مرڻ واري کي موت سڏي ٿو)، ازغيبي (مرڻ جو) اطلاع.

tait (ٽيٽ) **n.** the honey possum (Aboriginal name), ماکي کائيندڙ جانور، آسٽريلين ٿيلهيدار ڪئو، اپوسيم ڪئو.

taj (تاج) **n.** a crown; a dervish's tall conical cap, ڇَٽ، تاج، چوٽي، ڪلنگي، ڪلغي، ڊگهي ٽوپي، درويش جو ٽوپ.

Tajik, Tadjik or **Tadzhik** (تاجڪ، ٽئجڪ) **n.** a people of Iranian race living in Afghanistan and Turkestan; a member of this people; its dialect, resembling Farsi (Pers), تاجڪ نسل جا افغانستان، ترڪي ۽ ايران ۾ رهندڙ ماڻهو، تاجڪ ٻولي.

tajine (ٽئزين) **n.** a conical clay pot used in N African cooking; any stew cooked in such a pot (Fr), ڪُني، چاڏي، رڌ پچاءَ جو ڪول ٿانءُ، سَٻريءَ جهڙو نڪر جو ٿانءُ.

taka (ٽاڪا) **n.** the standard unit of currency in Bangladesh (100 poisha) Bengali, ٽڪا، ٽڪو، بنگلاديش جو معياري سڪو، وڏو سڪو.

takahe (ٽاڪاهي) **n.** a large flightless bird of the rail family with brilliant blue-green plumage, a heavy pink bill and a large red shield on its forehead, thought to be extinct until 1948 when a small population was discovered on S Island, New Zealand (Maori), نيوزيلينڊ جو نه اڏامندڙ پکي، جيڪو هن وقت الليپ آهي، نيوزيلينڊ جو جهنگ ڪڪڙ، آبي ڪنگ پکي.

take (ٽيڪ) **vt, vi, n.** to receive or capture; to captivate; to get into one's possession; to seize, catch; to receive or come to have willingly or by an act of one's own; to pay for, buy or rent; to appropriate; to assume, adopt; to accept; to receive; to admit; to submerge; to have normally assigned to one; to find out; come upon, surprise, detect; to swallow or inhale; to eat or drink, often habitually; to apply to oneself; to obtain; to engage, secure; to seek and receive; to have recourse to; to make use of; to deal with or react to in a specified way; to teach (a subject or class); to attend a course in; to undertake a course or attend a regular class in some subject; to visit; to call for, necessitate, use up; to remove; to cause to go; to subtract; to convey; to carry with one; to escort; to detract; to derive; to understand; to apprehend; to assume, suppose; to mistake; to conceive or think of; to accept as true; to tolerate or endure; to ascertain; to observe or measure; to ascertain something from; to execute, perform; to set down; to portray; to photograph; to charge oneself with; to declare solemnly; to strike; to come upon and affect; to bewitch or charm; to blight; to put an end to; to cheat, swindle or deceive; to deliver, give; to have sexual intercourse with; to betake; to have the intended effect; to be effective, to work; (of plants, esp grafted buds) to begin to grow shoots; to please the public; to betake oneself, begin; (of a fish) to bite; to make a capture or acquisition; to be capable of being taken; to become, fall ill; to freeze; to cast a spell, وٺڻ، ڪٺي يا وٺي وڃڻ، منظور ڪرڻ، قبول ڪرڻ، هٿ ڪرڻ، ڪاٺڻ، ڦاسائڻ، پڪڙڻ، جهلڻ، ڪٽڻ، (ساري) مارڻ، جيتڻ، وٺي وڃڻ، ليڻ، پيئڻ، ڪمائڻ، (تصوير) ڪڍڻ، اتارڻ،

(وقت) لڳڻ، (مشهان) پائڻ، رحم آڻڻ، اچڻ، (ٿڌ) ٿيڻ، انگيڪار ڪرڻ، قبولڻ، فرض ڪرڻ، سمجهڻ، قسم کڻڻ، صلاح تي هلڻ، چونڊڻ، (رستو) اختيار ڪرڻ، (گاڏ) سهي وجڻ، (ٽپو) ڏيڻ، (ٽڪن جو) اثر ڪرڻ، لڳڻ، ڪرسيءَ تي ويهڻ، وٺڻ، وجڙڻ، ڦٻڻ، چاهه رکڻ، ڏانهن وجڻ، رخ ڪرڻ، هلي وجڻ، ڪم کي لڳڻ، نقل ڪرڻ، (پيءَ تي) وجڻ، اُمچ پوڻ، واپس ڪٺي وجڻ، سنڀال، خبردار، دوکو ڏيڻ، سمائڻ، نڳڻ، رهائڻ، وسهڻ، پي وجڻ، ڦٽائڻ، لکي وٺڻ، ڪٽڻ هيٺ ڪرڻ، همت ڪرڻ، سنڀال لهڻ، سيٽا منڊڻ، گهمائڻ وٺي وجڻ، ڪپڙا لاهڻ، ڪم کي لڳڻ، عادت پوڻ، دل رکڻ، عتاب ڏيڻ، ڇُهڻ، ڪٽي وٺڻ، شروع ڪرڻ، ڪم ۾ لڳڻ، وقت ڪائڻ، وٺڻ، چوري ڪرڻ، تڳلائڻ، منظور ڪرڻ، مڃڻ، راضي ڪرڻ، (ٻوٽي جو) ڦٽڻ، فوٽو ڇڪڻ، ذميواري کڻڻ، پاڻ تي کڻڻ، ويساهه يا ساک ڏيڻ، حلف کڻڻ، قسم تي چوڻ، ختم ڪرڻ، اثر وجهڻ، ڏڪ هڻڻ، جادو ڪرڻ، ڦيٿو پڙهڻ، نڪي ڪرڻ، ڏيڻ، وٺڻ، مباشرت ڪرڻ، جماع ڪرڻ، برداشت ڪرڻ، (مڇيءَ جو) ڇڪ هڻڻ، حاصل ڪرڻ، پڪڙڻ جهڙو، بيمار پوڻ.

take after (ٽيڪ آفٽر) **vt.** to look, behave or resemble (eg a parent) in appearance or characteristics, مشابهت هجڻ، (ماءُ يا پيءُ) تي وجڻ، ماڻٽن وارا مهاندا هڻڻ، ڏک ڏيڻ، ساڳي نموني هلڻ، ماڻٽائي هلت هلڻ، وڏن وارو رويو اختيار ڪرڻ.

take against (ٽيڪ اگينسٽ) **vi.** to take a dislike to; to oppose, مخالفت ڪرڻ، لڙ وٺڻ، ناپسند ڪرڻ.

take apart (ٽيڪ اپارٽ) **vi.** to separate (a machine) into components parts; to defeat convincingly; to criticize or scold severely, الڳ ڪرڻ، ڪولي جدا ڪرڻ، ڌار ڀاڱا ڪرڻ، حصا حصا ڪرڻ، سخت ٽوڪ، دٻ ڪڍڻ، گهٽ وڌ ڳالهائڻ، مڪمل طور هارائڻ.

take away (ٽيڪ اَوي) **vt, vi, n.** to subtract; to carry somewhere else, remove; (of cooked food) sold for consumption away from the place of sale; (of a restaurant) selling such food; such a restaurant; a takeaway meal, ڪٽ ڪرڻ، کڻي وجڻ، پڪل کاڌي جو سامان وٺي کڻي وجڻ، گهر وڃي کائڻ وارو سيڌو ڏيندڙ هوٽل، رڌيل يا پڪل شيون.

take back (ٽيڪ بئڪ) **vt, vi.** to retract, withdraw; to admit that one was wrong; to carry back (mentally) in time; to return to an original position; to move text to the previous lines, واپس وٺڻ، سوچي وٺڻ، پنهن جي غلطي تسليم ڪرڻ، غلطي مڃڻ، پنهنجي جڳهه تي موٽي اچڻ، لکڻ مهل پوئين مسودي تي موٽي اچڻ، ٽائيپ ڪيل مسودي کي گڏي هڪ ڪرڻ.

take care (ٽيڪ ڪيئر) **interj.vt.** be careful; to care or lookafter someone; to keep in custody or care خبردار، هوشيار، سنڀال، خيال رکڻ، حفاظت ڪرڻ، سنڀال لهڻ، پنهنجي حفاظت ۾ وٺڻ، پرگهور لهڻ.

take down (ٽيڪ ڊائون) **vt, vi.** to go above in class; to demolish, pull down or dismantle; to separate the parts (of a machine); to take to pieces; to report or write down to dictation; (of a man) to escort a lady to the dining-room; to humiliate to some degree; to reduce; to lower; a humiliation, ڪلاس ۾ اڳتي لڪري وجڻ، ڊاهڻ، هيٺ لاهڻ، ڪيرائڻ، ٽوڙڻ، مشين کي کولڻ يا ڊاهڻ، حصا ڪرڻ، کولڻ، لکائڻ، قلمبند ڪرڻ، (دعوت ۾) عورت کي ماني کارائڻ لاءِ وٺي وجڻ، بيعزتي ڪرڻ، عهدو گهٽائڻ، گهٽ وڌ ڳالهائڻ.

take effect (ٽيڪ افيڪٽ) **vt.** to come off, succeed; to come into force, عمل ۾ اچڻ، نافذ ڪرڻ يا ٿيڻ، پوءِ اچڻ، ڪرڻ، جاءِ وٺڻ.

take for (ٽيڪ فار) **vi.** to suppose to be, esp wrongly, سمجهڻ، خيال ڪرڻ، (خاص ڪري غلط)

take heed (ٽيڪ هيڊ) **vi.** to be careful; to pay attention, خبردار ٿيڻ، ڌيان ڏيڻ، خبرداري، ڪرڻ هوشياري ڪرڻ.

take home pay (ٽيڪ هوم پي) **n.** pay after deduction of tax, etc, صافي پگهار، لڄ پگهار، ڪاٽ ڪوٽ کان پوءِ ملندڙ پگهار.

take ill (ٽيڪ اِل) **vt.** to take offence; be taken ill. مٺيان لڳڻ، برو پائڻ، بيمار ٿيڻ، بيماريءَ ۾ ورتجڻ.

take in[1] (ٽيڪ اِن) **vi.** to enclose; to comprise; to annex; to grasp, realize or understand; to accept as true; to cheat; to subscribe for, buy regularly; to receive into one's home; to accept work, eg washing, for doing in one's own home for payment; to tighten, contract, make smaller; to furl; to admit; to subdue; to visit a place or go to a show; esp as part of an itinerary or plan; (of a man) to conduct a lady to the dining-room, سمجهڻ، نڳڻ، رهائڻ، سمائڻ، سچ سمجهڻ، اعتبار ڪرڻ، مڃڻ، صحيح يا سچ سمجهڻ، سئنيما ۾ وجڻ، وسهڻ، مهمان ڪرڻ، گهر ۾ رهائڻ، مهمان طور قبول ڪرڻ، (ڪرڻ جوڪم) گهر کڻي وڃي ڪرڻ، گهمڻ وجڻ، ڏسڻ وجڻ، اڳ ڏنل وقت مطابق پهچڻ، ڪم وٺڻ، سخت ڪرڻ، ننڍو ڪرڻ، کولڻ، داخل ڪرڻ، (وڏ گهراڻي) عورت کي دعوت واري يا ماني کائڻ واري جڳهه تي وٺي وجڻ، دعوت ۾ وٺي وجڻ، (دل سان) هندائڻ.

take in[2] (ٽيڪ اِن) **n.** a deception, fraud or disappointment of hopes, ٺڳيءَ جو ناهه، ناڪاميابي، دوکو.

take it (ٽيڪ اِٽ) **vi.** to assume; to endure punishment or bad luck without giving away or collapsing under the strain, وٺڻ، ڌارڻ، فرض ڪرڻ ، هٿ وجهڻ، برداشت

ڪرڻ. جهلي وجڻ. سهي وجڻ. (بار پوڻ تي) ڪري نہ پوڻ.

take-leave (ٽيڪ ليو) **n.** leave-taking, موڪل وٺڻ. اجازت گهرڻ. موڪلائڻ. روانو ٿيڻ.

take liberties (ٽيڪ لبرٽيز) **vt.** to tray to be free with esp. a woman; to take advantage of someone's nearness. گستاخي ڪرڻ. آس پاس موجود عورت سان ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ. اڪيلائيءَ جو فائدو وٺڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

take-off (ٽيڪ آف) **n.** a burlesque mimicking; the place, act or mode of leaving the ground for a jump, dive or flight; a drawback, ڇيڀارا ڏيڻ. لاهڻ. اُٿارڻ. جدا ٿيڻ. آهل ڪرڻ. نڪولي ڪرڻ. سمائڻ. گهٽتائي. ٽپ ڏيڻ. ڊوڙڻ (شروع ڪرڻ). ڪمزوري. خامي.

take off (ٽيڪ آف) **vt, vi.** to remove, detach; to mimic; to leave the ground for a jump or flight; to begin a rapid improvement, expansion, or surge in popularity; to depart or set out; to swallow, جدا ڪرڻ. الڳ ڪرڻ. ٽپ ڏيڻ لاءِ مٿاهينءَ تي وڃڻ. وڃڻ. جمي لڪرڻ. ہولي جي واڌ. ڳهڻ. روانو ٿيڻ. (جهاز جو) اڏامڻ. تيز تيز هلڻ شروع ڪرڻ. واڌ شروع ڪرڻ. مشهوريءَ ۾ وڌڻ. نالو ڪڍائڻ. وڌيڪ مشهور ٿيڻ.

take on (ٽيڪ آن) **vt, vi.** to receive abroad; to agree to do, to undertake; to assume or acquire; to take into employment; to be very upset or distraught; to accept a challenge from (esp a stronger opponent); (of ideas) to gain acceptance, (جهاز تي) خوش آمديد ڪرڻ. پليڪار ڪرڻ. اختيار ڪرڻ. چاڙهڻ. سوار ڪرڻ. (ڪنهن ڪم جي ڪرڻ جي) ذميواري قبولڻ. مقابلي جي دعوت قبولڻ. منظوري حاصل ڪرڻ. قبوليت ملڻ. مقبول ٿيڻ.

take out[1] (ٽيڪ آئوٽ) **vt, vi.** to remove from within; to extract; to go out with, escort; to obtain (eg a licence) on application; to receive an equivalent for; to copy; to kill, destroy or defeat; to bid a different suit from one's partner, اندران ڪڍڻ. ٻاهر وٺي وڃڻ. گهمائڻ وٺي وڃڻ. ساڻ وڃڻ. برابر واري شيءِ حاصل ڪرڻ. ساڳيءَ جهڙو بدلي ۾ وٺڻ. نقل ڪرڻ. وڃائي زيان ڪرڻ. مارڻ. ختم ڪرڻ. هارائڻ. تاس راند جي بازيءَ ۾ مختلف رنگ لهڻ.

take out[2] (ٽيڪ آئوٽ) **vi.** take away; (of or designating) a conventional bid asking one's partner to bid a different suit, ڪٺي وڃڻ. وٺي وڃڻ. تاس راند جي بازيءَ ۾ اشارو ڪرڻ. ٻئي رنگ لهڻ لاءِ ٺاهي ڏيڻ.

take over[1] (ٽيڪ اوور) **vt, vi.** to receive by transfer; to convey across; to assume control of; to move text to the following line, عهدي جي ذميواري وٺڻ. چارج وٺڻ. نئين ذميواري قبولڻ. قبضو حاصل ڪرڻ. ٽائيپ ۾ اڳتي وڌڻ. ٻي ليڪ تي لکڻ.

take over[2] (ٽيڪ اوور) **n, vt.** the acquirement of control of a business by purchase of a majority of its shares, to gain control over and responsibility for something. ڪنهن ڌنڌي يا واپار يا ڪارخاني جا مڪمل حصا حاصل ڪري مالڪي سنڀالڻ. ملڪيت طور حاصل ڪرڻ. قبضي ۾ وٺڻ. ذميواري سنڀالڻ. قبضو حاصل ڪرڻ.

take pitty (ٽيڪ پٽي) **vt.** to have sympathy with someone; to care for. ڪنهن سان رحمدلي ڪرڻ. رحم آڻڻ. همدردي ڪرڻ. ڌيان رکڻ. ٻاجهہ ڪرڻ.

taker (ٽيڪر) **n.** one who takes a bet; a person who accepts an offer, (جوا راند ۾) داءُ دعوت قبول ڪندڙ. سودو قبول ڪندڙ. ڏني صلاح يا اصل آڇ قبوليندڙ. قبوليندڙ.

take to (ٽيڪ ٽو) **vt, vi.** to make for, take oneself off; to adapt oneself to; to become fond of, to begin to do regularly as a habit, (ڏانهن) وڃڻ. عادت ۾ پوڻ. ڪم کي لڳڻ. پسند اچڻ. چاهڻ. (عادت هيٺ) روزانو ڪرڻ.

take-up (ٽيڪ اپ) **n, adj.** the fact, or an instance of taking up (ie using or accepting, or picking up), کڻي وٺڻ. چَهڻ. استعمال ڪرڻ. استعمال ۾ آڻڻ. تصرف ۾ آڻڻ.

take up (ٽيڪ اپ) **vt, vi.** to lift, to raise or collect; to pick up for use; to absorb; to accept an offer; to adopt the practice, study; of begin to go in for; to begin to patronize, seek to advance; to become interested in and begin to do or spend time on; to discuss with; to shorten a garment; to engross, occupy or fill fully; to interrupt sharply; to arrest; to resume; to take in hand; to buy up; to settle, compound a quarrel; to reprove; to cope with; to obtain on credit; to interest, please; to borrow; to secure, fasten, مٿي ڪرڻ. مٿي ڪڻڻ. اپارڻ. هضم ڪرڻ. ملائي چڙڻ. وقت ڪائڻ. وقت وٺڻ. ڪم ۾ لڳڻ. شروع ڪرڻ. عمل پذير ٿيڻ. پٺي ٿيڻ. عزت افزائي ڪرڻ. همت ڪرڻ. ٻڌائڻ. اڳتي وڌڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ. بحث ڪرڻ. صلاح مشورو ڪرڻ. مَحو ٿيڻ. جنبي وڃڻ. گرفتار ڪرڻ. پڪڙڻ. قبضي ڪرڻ. قابض ٿيڻ. خريد ڪري وٺڻ. جهلڻ. روڪڻ. هٿ ۾ ڪڻڻ. فيصلو ڪرڻ. جهيڙو طئي ڪرڻ. تنبيهہ ڪرڻ. پيچي اچڻ. اوڌر تي خريدڻ. شوق ڪرڻ. اڌارو وٺڻ. قرض. دم ڪرڻ. عادت وجهڻ. اڳتي وڌائڻ. حال اورڻ. جهيڙو وڌائڻ. پيچي اچڻ. ڌيان ڏيڻ. راضي رکڻ. خوش ٿيڻ. قابو ڪرڻ. وڙهڻ. لڙڻ. ڪرڻ. ڪپڙي کي ننڍو ڪرڻ. ٻڌڻ. هٿيار رکڻ.

takhi or taki (ٽڪي) **n.** a rare wild horse, native to the Mongolian steppes, with a reddish-brown coat, stiff black mane and white muzzle (Mongolian name), (منگوليا جي مٿاهين علائقن جو) جهنگلي گهوڙو. ٽڪي

ڪُهوڙو، پريز ويلسڪي جو جهنگلي ڪُهوڙو جنهن جو منگولين نالو تَڪي يا تخِي آهي.

Takin (ٽاڪِين) **n.** a large horned, hoofed, mammal of the Himalayas, China, related to the goats and antelopes (Tibetan), تبتي هرڻ. تبت جو وڏن سنگن وارو هرڻ جهڙو جانور. ٻڪري شڪل ٽاڪين جانور. هماليا جو ننڍو ٻڪري شڪل هرڻ. ڪستوري ٻڪري جي نسل جو جانور.

taking (ٽيڪنگ) **n, adj.** that which is taken, receipt; plight; bewitchment, malignant influence; agitation, perplexity; captivating; alluring; attracting; a seizing; apprehension; infectious, catching, قبضو. جوش. موهيندڙ. دل ڪش. آڪرشي. چڪيندڙ. پڪڙيندڙ. قرڙ قرڙ. آمدني. وصولي. پريشاني. ٻجهڪ. قبضو. گرفت. گرفتاري. ڏپ. انديشو. فهم. پرجهه. پروڙ. اندولن. تڪرار. بحث. ولوڙو. گوڙ.

taky (ٽيڪي) **adj.** attractive, موهيندڙ. چڪيندڙ. آڪرشي.

tala (ٽالا) **n.** a traditional rhythmic pattern in Indian music (Sans), تال. سُر.

Talapoin (ٽلا پوئن) **n.** (a title of respect for) a Buddhist monk, esp of Pegu, Myanmar; a small green W African guenon monkey, ٻڌ ڌرم جي ڀائي جو خطاب. آفريڪا جي پولي جي جنس. ٽلاپوئن پولڙو. آفريڪي لنگور.

talaq or **talak** (طلاق) **n.** (under Islamic law) a form of divorce (Ar), طلاق. طلاق ڏيڻ.

talayot (ٽالايوٽ) **n.** a prehistoric, usu un-chambered stone monument of the Balearic Islands, (بيلارڪ ٻيٽن ۾) تاريخ کان اڳ جي وقت جا مليل پٿرن وارا بنا خانن جي نشان.

Talbot (ٽالبٽ) **n.** a breed of broad-mouthed large-eared hound, usu white, now extinct, ڪتي جي جنس وڏي وات ۽ وڏن ڪنن واري ڪتي جي جنس جيڪا هاڻي موجود نه آهي. ٽالبوٽ ڪتو.

talbotype (ٽالبو ٽائپ) **n.** calotype, invented by William Henry Fox Talbot, فوٽو ڪاڍڻ جو هڪ پراڻو نمونو.

talc (ٽئلڪ) **n, vt.** talcum powder; a very soft, pliable, greasy, silvery-white, foliated, granular or compact mineral, acid magnesium mineral silicate, found in magnesium-rich rocks and dolomitic lime stones; to rub with talc; to apply or treat with talc. ابرق. ابرقي پٿر. شفاف معدني پٿر. نرم پائوڊر. تمام صاف ۽ اڇي رنگ وارو نرم ترين پٿر. نهن سان کوٽڻ جهڙو. صابڻ جهڙو. پائوڊر مکڻ. پائوڊر لڳائڻ. پائوڊر سان مهٽڻ. پائوڊر هڻڻ.

talc schist (ٽئلڪ شِسٽ) **n.** a schistose rock composed essentially of talc, with accessory minerals, ابرقي پٿر. ابرق مليل معدني ڌاتو.

talcum powder (ٽئلڪم پائوڊر) **n.** purified powdered talc, usu perfumed, applied to the skin to absorb moisture, ابرقي سفوف. معدني سفوف. معدني چورو. معدني پائوڊر. عام استعمال وارو خوشبودار پائوڊر.

tale (ٽيل) **n.** an act of telling; a narrative, story; a false story; a mere story; things told idly or to get others into trouble; number, total counted; reckoning; discourse, talk, داستان. آکاڻي. قصو. افسانو. ڪهاڻي. ڳالهه. ڳپ. شمار. ڳڻيل يا شماريل رقم يا انگ. هَلَ. هُوڙَ. ابوبحر. ڀڪنو. چغل خور. اجائي ڳالهه. ڪوڙو قصو.

talebearer (ٽيل بيئرر) **n.** a person who gossips idly or maliciously passes on (esp discreditable) information about others, esp to one in authority; one who spreads false or unkind news around. آکاڻيون ڪشندڙ. چغليون هڻندڙ. ڀڪنو. چغل. چغل خور. ڀڪ ڀڪيو. افواهه ڦهلائيندڙ. ڪوڙيون ڳالهيون جائي ٻجهي ٻين کي ٻڌائيندڙ. بدنام ڪندڙ. شرارتي. سازشي.

taleful (ٽيل فل) **adj.** full of stories, آکاڻين سان ڀريل. ڪهاڻين وارو. افسانوي.

talea (ٽاليا) **n.** a recurring rhythmic pattern in isorhythmic medieval motets, موسيقيءَ جي وچت جو نمونو.

talegalla (ٽئليگئلا) **n.** the brush turkey, Talegalla, جهنگ ڪڪڙ. جهنگلي (حلال) پکي. آسٽريليا جو ترڪي پکي. جهنگلي فيل مرغ. پيرو مرغ.

talent(ٽئلينٽ) **n.** any natural or special gift; special faculty, aptitude or ability; eminent ability short of genius; persons of special ability; young girls or young men, esp attractive, handsome; disposition, orig an ancient unit of weight and of money; 60 minas or 6000 drachmas, or about 38 kgs, 25 kg, 26 kg of gold, silver; parable, faculty; wealth, abundance, or perh golden tresses, عقل. ڳڻ. هوشياري. ذهن. لياقت. قابليت. ذهانت. ذات. ذوق. جوهر. آرٽ. ادراڪ. قنطار (سڪو) هوشيار يا ذهين ٻار. سهڻو. وڻندڙ خوبصورت. پراڻو سون. چانديءَ يا ٻين مادن جو ماڻ. قوت. دولت. گهڻائي. جهجهائي.

talented (ٽئلينٽيڊ) **adj.** furnished with talents or great intellectual power; having or showing talent. چترو. هنري. ڳُڻي. گوهر ڀرڳڻ. قابل. هوشيار. سيالو. سيبتو. ذهين. ادراڪي.

talent scout (ٽئلينٽ اسڪائوٽ) **n.** one looking for talented performers, esp in sport and entertainment, لياقت يا قابليت وارا رانديگر يا اداڪار ڳوليندڙ پارکو.

talent spotter (ٽئلينٽ اسپاٽر) **n.** one whose business is to discover and recruit talented people, esp in en-

tertainment and sport, راند يا اداڪاريءَ ۾ قابليت رکندڙن جو ٻولائو، پارکو.

tales (ٽيليز) **n.** the filling up, from those who are present, of a deficiency in the number of jurors, پنچن جي گهٽتائيءَ واري حالت ۾ موجود ماڻهن مان ٻولي پنچ ڪڍڻ، انهن شخصن جي باري ۾ طلبيءَ جو اطلاع نامو، جن کي جيوريءَ ۾ ڪمي پوري ڪرڻ جي مقصد سان طلب ڪيو ويجي.

talesman (ٽيليزمن) **n.** a bystander chosen to make up a deficiency in a jury, موجود ماڻهن مان چونڊيل پنچ.

taligrade (ٽيلي گريڊ) **adj.** walking on the outside of the feet, پيرن جي ٻاهرين حصن تي هلڻ، ڪڙيءَ يا پب تي هلڻ.

talion (ٽلين) **adj.** like for like; retaliation, بدلو، پاڙ، جهاڙ، جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي، قصاص، انتقام

taliped (ٽيليپيڊ) **adj.** having a club foot, ڦلي پير سان، ڦلو، ڪج پير.

talipes (ٽلي پيز) **n.** club foot, ڦلو پير، ڪرز پير، پير ٽيڏاڻ.

talipot or **talipat** (ٽيلي پاٽ) **n.** an E Asian palm with large, hand-shaped leaves, ڪجيءَ جهڙو وڻ، پنکي پن ڪجي، تاڙ ڪجي (وڻ)، هٿن صورت پن وارو پام يا ڪجيءَ جي جنس جو وڻ.

talisman (طلسمان، طلسمِ مَن) **n.** an object supposed to be indued with magical powers and able to protect, bring good fortune, to the possessor; an amulet or charm, طلسم، جادو، تعويذ، ڦاڪو، سڳو، تاڻث.

talk (ٽاڪ) **vi, vt, n.** to utter words; to speak, to express or communicate in spoken words; to converse; to have a discussion; to chat or gossip; to be able to speak; to speak indiscreetly; to divulge, secrets, part with (esp incriminating) information, to the police; to speak pompously or bombastically; (of money, wealth) to have influence, be effective; to utter; to speak about; to mean, have in mind; to speak in a language; to bring or render by talking; conversation; discussion; gossip or rumour; mention of possibility or proposal; a general theme, eg of gossip or a conversation; utterance; a short informal address; a particular way of speaking, ڳالهه ٻولهه، پچر، گفتگو، چؤ ٻول، ڳالهه ٻولهه ڪرڻ، ٻولڻ، ڳڙهڻ، ڳالهائڻ، ٻخي هڻڻ، ٻيڻ، جهڪڻ، ٻڪڻ، شهرت، ڪلا ڪرڻ، بحث ڪرڻ، ڳالهاءِ تي لڙي وڃڻ، پيو ڳالهائڻ، سامهون پوڻ، فقط ڳالهيون ڪرڻ، بحث ڪرڻ، پَهڻ، چؤوت، واڻي، وارتا، سَرسلو، پَچر، تات، ڏلد چرچا، سَنسيدي، چؤ ٻول، چو پچو هَڻڻ، ڪهت، ڳالهوڙو، معمولي تقرير، ڳالهائڻ جو ڍنگ.

talk at (ٽاڪ ايٽ) **vi, vt.** to address remarks to indirectly; to talk to incessantly, without waiting for a response; to address pompously, ٽوڪ بازي ڪرڻ، فقرا چوڻ، بڪ بڪ ڪرڻ، پيو ڳالهائڻ، (وچ ۾) ٽپي پوڻ، پاڻ مرادو ڳالهائيندو رهڻ، ٻئي کي نه ٻڌڻ.

talkathon (ٽاڪاٿان) **n.** a long-drawn-out discussion, debate, talking session, etc, بحث مباحثو، هنبس، ڪچهريءَ وارو وقت، ڳالهه ٻولهه ڪرڻ، بحث ڪرڻ.

talkative (ٽاڪي ٽو) **adj.** liking to talk a lot; given to much talking; loquacious; garrulous; prating; گهڻ ڳالهائو، بڪ بڪيو، ڳالهير، واتراڙو، ڏارو، وڏواتيو، ڦِسرَ، ٻنوڙ، ڪانويلائي.

talkback (ٽاڪ بئڪ) **n, vt.** a two-way radio system; a phone-in; to reply impudently; to reply on a two-way radio system, ٻه طرفي ڳالهه لاءِ ريڊيو جو نظام، فون جو ٻه طرفو ڳالهائڻ وارو نظام، ابتو سبتو جواب ڏيڻ، ريڊئي رستي ڳالهائڻ

talk big (ٽاڪ بگ) **vi.** to talk boastfully or over-confidently, ٻٽاڪ هڻڻ، وڏي ڳالهه ڪرڻ، ڊاڙ هڻڻ.

talk down (ٽاڪ ڊائون) **vt, vi.** to speak or argue more loudly or aggressively than, and so silence; to talk as through to people inferior to oneself in intellect or education; to bring an aircraft to a landing by radioed instructions from the ground, زور زور سان ڳالهائڻ (جيئن اڳلو ماٺ ڪري وڃي)، زور بار ڪرڻ، اثر وجهڻ، جهاز کي (خراب موسم ۾) زمين کان مليل اشارن جي زور تي هيٺ لاهڻ.

talker (ٽاڪر) **n.** one who talks much; one who talks in a pursuasive way; a loquacious person; a prattler. ڳالهائيندڙ، ڳالهير، ڳالهائڻ وارو، خوش گو، خوش تقرير، آلريو، تقرير ڪندڙ، مقرر.

talkie (ٽاڪي) **n.** a talking film, cinematograph picture accompanied by sound, آواز واري فلم، ڳالهائيندڙ فلم.

talking (ٽاڪنگ) **n, adj.** that talks; having the power of speech; expressive, ڳالهائيندڙ، ڳالهائڻ جي سگهه هئڻ، ٻوليندڙ، ڳالهائڻ.

talking book (ٽاڪنگ بُوڪ) **n.** a recording of a reading of a book, esp for use by the blind, . انڌن لاءِ ڪتاب ڳالهائيندڙ (ڪيسٽ) ڪتاب.

talking head (ٽاڪنگ هيڊ) **n.** someone talking on television, viewed in close-up, contrasted with programmes with more action, ٽيليويزن تي ڳالهائيندڙ ماڻهو.

talking machine (ٽاڪنگ مشين) **n.** a machine to produce imitation speech, ڳالهائيندڙ مشين، آواز جو نقل ڪندڙ مشين.

talking of (ٽاڪنگ آف) **vi.** apropos of, now that men-

tion has been made of, (ملندڙ معاملي) بابت ڳالهائڻ، چيڙيل بحث کي اڳتي وڌائڻ.

talking point (ٽاڪنگ پوائنٽ) **n.** a matter of or for talk, ڪو خاص موضوع، بحث لاءِ موضوع، موضوع چيڙڻ.

talking shop (ٽاڪنگ شاپ) **n.** a meeting or a place for discussion, as opposed to decision or action, بحث ڪرڻ وارو هنڌ يا جڳهه، بحث مباحثي واري گڏجاڻي.

talking to (ٽاڪنگ ٽو) **n** reproof, ticking off, گهٽ وڌ ڳالهائڻ، چنبڙ ڪڍڻ.

talk into (ٽاڪ انٽو) **vt.** to pursuade, يقين ڪرائڻ، پنهنجي ڳالهه تي آڻڻ، مڃائڻ، قائل ڪرڻ، ڳالهه تي بيهارڻ ريجهائڻ، هرڪائڻ، سمجهائڻ، سچي ڪرائڻ.

talk out (ٽاڪ آئوٽ) **vt, vi.** to defeat (a parliamentary bill or motion) by going on speaking until it is too late to vote on it; to resolve a difference of opinion by thorough discussion, (پارليا مان ۾) بحث ڪري معاملي کي ختم ڪرڻ، بنا ڪڙ تيل جي پورو ٿيڻ، مسئلي کي ڳالهين ٻولهين وسيلي ختم ڪرڻ (جو فيصلو ڪرڻ).

talk over (ٽاڪ اوور) **vi.** to pursuade, convince; to discuss, consider together, پَهڻ، يقين ڪرائڻ، گڏجي سوچڻ، مڃائڻ، قائل ڪرڻ، ريجهائڻ، سمجهائڻ، گڏجي سوچ ويچار ڪرڻ.

talk round (ٽاڪ رائونڊ) **vi, vt.** to talk of all sorts of related matters without tackling the subject at issue; to bring to one's way of thinking by talking persuasively, گول مول ڳالهه ڪرڻ، اصل موضوع کان هٽي وڃي ڳالهائڻ، اجايون سجايون ڳالهيون ڪرڻ، يقين ڪرائڻ لاءِ ڪوشش وٺڻ.

talkshow (ٽاڪ شو) **n.** chatshow, ڪچهريءَ جو پروگرام.

talk tall (ٽاڪ ٽال) **vt.** to boast, ٻٽاڪ، ٻٽاڪ هڻڻ، ڏاڙ هڻڻ.

talk up (ٽاڪ اپ) **vt.** to speak boldly; to praise, esp to arouse interest in; to make much of; شوق سان ڳالهائڻ، معاملي کي کولي بيان ڪرڻ، ڌيان تي آڻڻ، تعريف ڪرڻ، شوق جاڳائڻ، چڱيءَ طرح ورجائڻ.

tall (ٽال) **adj.** high in stature, esp higher than average; long, esp in a vertical direction; lofty; remarkable; extravagant; (usu of a person) of a stated height as in six feet tall; great; (of talk) bombastic, inflated in style; hardly to be believed, ڊگهو، اچو، قداور، بلند، دراز قد، ڦاگهه، ٽٽ، ٽينگو، ڊگهه، ٽينگ، لنبو، طول، ڍگهو، تعريف ڪرڻ، (ماپ مطابق) هيترو ڊگهو.

tallage (ٽئليج) **n, vt.** a tax levied by the Norman and Angevin kings on their demesne lands and towns, or by a feudal lord on his tenants; an aid, toll or rate; to levy a tax upon, ڍل، محصول، مسواڙ، ڪرايو، پونءِ، ڀاڙو، روڊ محصول، محصول مڙهڻ.

tallat, tallet or **tallot** (ٽئلٽ) **n.** a loft, بالا خانو، وچين ماڙي، ٻه چتي، گيلري.

tall boy (ٽال بواءِ) **n.** a tall piece of wooden furniture containing several drawers, one portion superimposed on another or on a dressing-table; a glass with a long stem; a long narrow top for a smoky chimney, خانن وارو وڏو ڪٻٽ، وڏو گلاس، بخاري جي ٻاهرين وڏي بيهڪ.

talliable (ٽيليئبل) **adj.** subject to tallage, ڍل لائق، محصول لائق.

talliate (ٽيليئيٽ) **vt.** to lay a tallage upon, ڍل، يا محصول لاڳو ڪرڻ، ٽيڪس مڙهڻ.

tallith (ٽئلٿ) **n.** the Jewish prayer shawl (Heb), يهودين جي عبادت وقت پائڻ واري شال، لوئي يا چادر.

tall-oil (ٽال آئل) **n.** an oily liquid which is a by-product of chemical wood pulp, used in the manufacture of paints, linoleums, soaps, etc, ڪاٺ مان ملندڙ سٿيو مادو، ڪاٺ جو تيل، جيڪو مختلف شين ٺاهڻ ۾ استعمال ٿئي ٿو.

tall order (ٽال آرڊر) **n.** a request or piece of work that is unreasonably difficult to perform. بيجاءِ گهر، بيجاءِ طلب، ڏکيو مطالبو، سخت محنت طلب ڪم.

tallow (ٽئلو) **n, adj, vt.** fat, grease of oxen or sheep; rendered fat, esp of cattle and sheep, used for making soap and candles; any coarse, hard fat; of, for or like tallow; to grease with tallow; to produce tallow, چربي، وَهه، سٿيو، چڪنائي، صاف چربي، وڳهريل چربي، چربي ٺاهڻ.

tallow-candle (ٽئلو ڪئنڊل) **n.** a candle made of tallow, چربيءَ مان ٺهيل ميڻ بتي.

tallow-catch (ٽئلو ڪئچ) **n.** a receptacle for tallow, or a lump of tallow, چربي رکڻ جو ٿانءُ، چربيءَ جو ٽڪر.

tallow-chandler (ٽئليو چنڊلر) **n.** a maker or dealer in tallow candles, etc, ميڻ بتيون وڪڻندڙ، دڪاندار، واپاري.

tallow-dip (ٽئلو ڊپ) **n.** a candle made by dipping a wick in tallow, چربيءَ ۾ پسايل وَٽ واري ميڻ بتي.

tallow-face (ٽئلو فيس) **n.** a person with a pasty yellow face, پيريل ۽ اڇي چمڙيءَ وارو ماڻهو يا مهانڊو.

tallow tree (ٽئلو ٽري) **n.** any of various trees yielding a thick oil or vegetable tallow, or a substance capable of making candles, سٿيو مادو ڏيندڙ وڻ، تيلي وڻ.

tally (ٽئلي) **n, adv, vt, vi.** a score or account, esp one kept by notches or marks; a mark made in record-

ing or scoring an account; a piece of wood on which notches are cut to keep accounts; half of such a stick split across the notches, serving as receipt or record; credit, tick; a full number or total score; a number taken as a unit in computation; a corresponding part, a counterpart; a distinguishing mark; a label; a plant-label; a tag; in concubinage; to keep score, count, calculate or mark down by tally; to mark or provide with a label or tally; to notch or mark as a tally; to reckon; to match, adapt; to correspond, match, agree; to deal on credit, حساب، چنگي، ليکو چوکو، ليکي رکڻ (ڪاٺي)، نقل، ميل، حساب رکڻ، حساب پٽي، نشان ڪيل ڪاٺ جو تختو يا پٽي جنهن تي حساب ڪتاب لکي سگهجي، ، ميٽڻ، وارڻ، رسيد طور ڪتب آڻڻ، نهڪي ايندڙ جهبو يا پرزو، ميل، تمثيل، عڪس، هڪ جهڙو، خاص نشان، چنگي، سريت طور رهڻ، بنا نڪاح جي زال وانگر گڏ رهڻ، ساهيڙپ رکڻ، ياري ڪرڻ، ملي اچڻ، موافق هئڻ، نهڪڻ، نهڪي اچڻ، پيمائڻ، پيٽ ڪرڻ (ٻن شين يا عددن جي)، (ٻن شين يا عددن جو) برابر هئڻ، مطابق هئڻ، پيٺا، متفق ٿيڻ، ملي اچڻ، اوڌر تي سودو وڪڻڻ وارو ڪاروبار ڪرڻ، اوڌر ڏيڻ وٺڻ.

tally clerk (ٽئلي ڪلرڪ) **n.** a checker of ship's cargoes against a list, (بحري جهاز تي) مال جي پيٽا ڪندڙ عملدار.

tally-ho (ٽئلي هو) **n.** the huntsman's cry signifying that a fox has been sighted; a cry of tally-ho; a four-in-hand coach; to great with tally-ho, (شڪارين جي) شڪار ڏسڻ وقت ڪيل رڙ، رڙو رڙ، ووڙ، گوڙ شور، هل هنگامو.

tallyman (ٽئلي مين) **n.** one who keeps a tallyshop; a salesman for a tallyshop; someone who keeps a tally; someone who lives with a woman without marriage, دڪاندار، اوڌر تي سودو ڏيندڙ ڪاٽي دار دڪان، حساب رکندڙ مالهو، بنا نڪاح واري عورت سان گڏ رهندڙ مرد، بي نڪاحو مرد، ساهيڙيءَ سان گڏ رهندڙ.

tallyshop (ٽئلي شاپ) **n.** a shop where goods are sold on credit to be paid in instalments, the seller having one account-book which tallies with the buyer's , اوڌر تي يا قسطن تي سودو ڏيندڙ دڪان، قسطن تي شين جو واپار ڪندڙ.

tally-system or **-trade** (ٽئلي سسٽم- ٽريڊ) **n.** a method of dealing on credit for payment by instalments, قسطن بدل اوڌر تي وڪرو يا واپار، قسطن تي شين جو واپار ڪرڻ.

talma (ٽئلما) **n.** a loose cloak or cape, جبو، ويڪرو پهراڻ، ڪڙتو.

Talmud (ٽئلمُوڊ ٽئلمڊ) **n.** the fundamental code of Hebrew or Jewish civil and canon law; the Mishnah and the Gemara, يهودين جو مذهبي قانون تي ٻڌل متو، يهودين جو بنيادي متن وارو ڪتاب، تلمود.

Talmudist (ٽئلموڊسٽ) **n.** a scholar of the Talmud, مذهبي قاعدن ۽ قانون جو ماهر يهودي.

talon (ٽئلن) **n.** a claw of a bird of prey; an ogee moulding; the part of the bolt of a lock that the key presses on when it is turned; cards remaining after the deal, the stock; a detachable printed part of a form or certificate, esp. of bearer bonds entitling the holder to apply for a new sheet of coupons, شڪاري پکيءَ جو چنبو، ننهن، پنجو، شڪري يا عقاب جو چنبو، ٽاپ، ڪنڍيدار چنبو، وڪوڙيل آگريون، تاس جي پتن جو قسم، سلسليوار لهڻ يا اڇلائڻ، سامان، وکر، فارم جو سوراخدار حصو جيڪو ڦاڙي الڳ ڪري سگهجي، بچت سرٽيفڪيٽ جا نفعي حاصل ڪرڻ وارا ڪوپن.

Talpa (ٽئلپا) **n.** the mole genus of the family; an encysted tumour on the head, a wen, ٽالپا جنس ڇڇوندر، کٽو، ڪستوري ڪئو يا ڪئي، مٿي تي ڪوڙهي يا نشان، ڏيو.

taluk, taluka or **talooka** (ٽالوڪ، ٽالوڪا) **n.** a hereditary estate; a subdivision of a district for revenue purposes, a collectorate (Hindi), تعلقو، جاگيردار، زميني ملڪيت.

talukadar (ٽالوڪادار) **n.** holder of a taluka (Hindi), مختيار ڪار، تعلقي جو عملدار، جاگيردار.

talus[1] (ٽيلس) **n.** the ankle bone or astragalus. مُري جو هڏو، مُرو، مُريو.

talus[2] (ٽيلس) **n.** the sloping part of a work; a sloping heap of broken rocks; a scree formed from frost-shattered rocks; a slope, ديوار جي پٽ، ڪمب، لاهي، هيٺاهين، ڪنهن به شيءِ جو لاهون (الارون) پاسو، ڪريل پٿرن جو ڍير يا ڍڳ، برف ڳرڻ ڪري جبل جا ڪريل حصا، سرڪڻي جاءِ.

tamale (ٽا مالي) **n.** a highly seasoned Mexican dish of meat, chilli sauce and maize dough wrapped, usu in a corn husk and steamed or baked, ميڪسيڪو جي گوشت ۽ مکيءَ مليل ٻوڙ يا ڀاڄي، ميڪسيڪو جو کاڌو.

Tamandua (ٽا ماندو ٽا) **n.** a S American anteater, smaller than the antbear, مورخور صغير (ننڍو)، ڪوليون کائيندڙ ننڍو جانور، ڏکڻ آمريڪا جو وڻن تي رهندڙ ڪول خور جانور جنهن جي جسم تي وڏا وار هوندا آهن.

Tamanoir (ٽامانوار) **n.** the great antbear, or great anteater. وڏو ڪوليون کائيندڙ جانور، مورخور ڪبير (وڏو)، ڏکڻ آمريڪا جي گاهه وارن ميداني علائقن جو ڪول خور جانور، هن جي جسم تي وڏا وار هوندا آهن ۽ پڇ کان رڇ وانگر ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

tamanu (ٽامانو) **n.** a lofty gamboge tree of the East Indies and Pacific Islands, its trunk yielding tacamahac, وڏي قد وارو مشرقي يا ايسٽ انڊيز جو وڻ.

tamara (ٽمرا) **n.** a mixture of cinnamon, cloves, coriander, etc, گاڏيل گرم مصالحا.

tamarack (ٽمرئڪ) **n.** (the wood of) the American or lack larch, آمريڪي وڻ جنهن جا پن چمڪندڙ آهن.

tamarau, tamarao, or **timarau** (ٽمرو تمرو) **n.** a small wild buffalo native to Mindora in the Philippines, with thick brown hair and short horns (Tagalog), (فلپائين جي) جهنگلي مينهن جو قسم. پوري، ننڍي قد، وڏن وارن ۽ ننڍن سنگن واري مينهن. تمارا مينهن جيڪا منڊورا ٻيٽن ۾ ملي ٿي.

tamari (ٽماري) **n.** a concentrated sauce made of soya beans and salt (Jap), سويا ۽ لوڻ مليل ساس يا چٽڻي.

tamarin (ٽمرن) **n.** any small Central and S American monkey of the genera Saguinus and Leontopithecus, related to the marmosets (Fr), آمريڪي ٻولڙي جو قسم. وڏو لب ڏيندڙ ٻولڙو. ٻير شينهن وانگر صورت وارو تمارين ٻولڙو.

tamarind (ٽمَرنڊ) **n.** a large tropical caesalpiniaceous tree which bears yellow flowers and long brown seed pods; its wood; its pod or fruit, filled with a pleasant, slightly acid, sweet, reddish-black pulp used in making drinks and medicines (Hindi), گدامڙي. آمڙي. گدامڙيء جو وڻ. املي. تمر هندي.

tamarisk (ٽمرسڪ) **n.** a plant of the genus Tamarix giving name to a family of xerophytic plants with slender branches and pink and white flowers, one species a naturalized shrub of S England seashores, لئي (وڻ). لئو. گز. جهائو. ٽمرس وڻ. آسرنهن لئو. مورجڻ. لعل جهائو. اسري لئو. ساڪڙ. ساڪڻ. ساموندي ڪناري جو ٻوٽو.

tambour (ٽم بُور) **n, vt, vi.** a drum of any of various types, eg the bass drum, or a single-headed tambourine-like instrument, usu without jingles; a cylindrical stone, as in column; a circular embroidery frame for keeping the fabric being worked taut; a rich gold and silver embroidery; embroidery done on a tambour; the drum of a recording instrument; a vestibule in a church porch; palisading to defend a gate; a flexible top (of a desk) or front of a cabinet made of narrow strips of wood fixed closely together on canvas, the whole sliding in grooves; a sloping buttress or projection for deflecting a ball in real tennis and fives; to embroider on a tambour; to do tambour-work, دَهل. ڍولڪ. دف. ڪارب ڪارچوب. ڪارچوب تي ناهيل پرت جو نمونو. سون ۽ چانديءَ جي تارن سان ناهيل پرت. ڪاٺ جي سنهن پٽين سان ناهيل ڍڪ. ٽينس راند جو ميدان. ڪارچوب تي رت جو ڪم ڪرڻ. ٿلو وڄائڻ. پٿر جو ٿنڀ لاء ناهيل لڪر يا حصو. گول پٿر جو ٿل. چرچ جي ٻهراڙي يا لنگهه. دروازي جي سنڀال ڪرڻ لاء ناهيل مورچو يا ڪٽهڙو. لنگهه جو دربان.

tamboura (ٽمبورا) **n.** an Eastern stringed instrument, used to produce a drone, تمبورو ساز.

tambourin (ٽمبورن) **n.** a Provencal dance or dance-tune with drone bass; a long, narrow drum used esp to accompany this, لوڪ ناچ. لوڪ ناچ لاء ڌن. تمبورو. ڍولڪ.

tambourine (ٽمبورين) **n.** a musical instrument of the drum species played on with the hand, and having jingles attached, (هٿ سان وڄائڻ وارو) دف. رَباب. ڪنجري. جهانجهه. ڪنجري. دهلڙي. ڍولڪي. ڍولڪ.

tame (ٽيم) **adj, vt, vi.** having lost its naturale wildness and shyness; cultivated; domesticated; (of land or crops) improved by cultivation; gentle; spiritless; without vigour; dull, flat, uninspiring; wonted, accustomed; to make tame or domestic; to make gentle; to subdue; to reclaim; to become tame, پاليل. نپايل. ڌاريل. پالتو. سڌيل. ساريل. هريل. پوکيل. زرعي. ڍرو. جهڪو. هيرڻ. وس ڪرڻ. پالڻ. هيرائڻ. مات ڪيل. ڪيڙيل. سڌو ڪرڻ. مطيع ڪرڻ. گهريچو. هيراڪ. هريو. سهمايل زمين کي استعمال لائق بنائڻ.

tame cat (ٽيم ڪئٽ) **n.** one who is happy to be completely dominated by another, ٻئي جي اثر هيٺ رهڻ ۾ خوش ٿيندڙ ماڻهو. ٻاڙيو. ڪمزور. ڪچهو.

Tamil (ٽمل) **n.** a member of a Dravidian people of S. India and N, E and central Sri Lanka; their language, تامل قوم (سريلنڪا جا ماڻهو). ڏکڻ هندستان جي دراوڙي قومن مان هڪ قوم. تامل ٻولي.

tamin, tamine (ٽمن) **n.** a thin glazed woollen or worsted fabric; a strainer of hair or cloth (Fr), هلڪو سنهو اوني ڪپڙو. اڇو اوني ڪپڙو. صافو. چاڻي طور استعمال وارو سٽ يا ان مان نهيل ڪپڙو.

tamis (ٽمس) **n.** a name for various thin woollen fabrics; a sieve (Fr), سنهو ۽ اڇو اوني ڪپڙو. صافو.

tammar (ٽمر) **n.** a small scrub wallaby native to S and SW Australia (Aboriginal), آسٽريليا جو ڪنگروءَ لاء هڪ مقامي نالو. تمر ڪنگرو جانور. هلڪي جهنگ ۾ رهندڙ

ڪنگرو.

Tammie Norie (ٽمي نوري) **n.** the puffin, ساموڊي ڪنارن جو پکي، پفن پکي، ساموڊي طوطو يا مٺو.

Tammuz (ٽموز) **n.** a Babylonian, Sumerian and Assyrian sun-god, identified with Adonis; the tenth month of the Jewish civil year, fourth of the ecclesiastical, تاموز ديوتا. عبراني ڏهون (مذهبي چوٿون) مهينو.

tammy (ٽمي) **n.** a strainer; a glazed woollen or mixed fabric, چاڻو. ڪپڙو جنهن کان ڇاڻڻ جو ڪم ورتو وڃي.

Tam o' Shanter (ٽم و شنٽر) **n.** the hero of Burns's poem of the same name; a cap with broad circular flat top, برنس جي هڪ بيت جو هيرو سي ڍڪ وانگر ٽوپيءَ جو نمونو.

tamoxifen (ٽموڪسفين) **n.** a drug which inhibits the effect of oestrogen, used esp in the treatment of advanced breast cancer, and now also thought to have useful preventive effects in certain women at relatively high risk of developing breast cancer, ڇاتيءَ جي ڪينسر جي هڪ دوا، طبي مادو، طبي ٽالو.

tamp (ٽمپ) **vt.** to ram right with clay or earth, after the explosive has been introduced; to ram down so as to consolidate (eg ballast on a railway track); to pack round, ڀَرڻ، ڌڪڻ، جلڻ، ڌوڪي بند ڪرڻ، ڌوڪڻ، ڏٽڻ، ڪوٽڻ، ڪوٽو ڪرڻ، گهوچڻ، ڦسڻ، زور سان يا دٻائي وجهڻ.

tamper[1] (ٽمپر) **n.** one who, or thing which, tamps; an instrument for pressing down tobacco in a pipe; a casting round the core of a nuclear weapon to delay expansion and act as a neutron reflector, ڀرندڙ، جلندڙ، وچ ۾ پوندڙ، پائيپ ۾ تماڪ وجهڻ وارو اوزار، ايٽمي بجلي گهر جو نظام، جيئن نيو ڪليائي پنج گهڙ کي محدود ڪري.

tamper[2] (ٽمپر) **vi, vt.** to meddle or interfere unwarrantably or damagingly; to work, contrive or practise; to have secret or corrupt dealings; to temper eg clay, وچ ۾ ٽپي پوڻ، دست اندازي ڪرڻ، چورڻ، هٿ وجهڻ، هٿ چراند ڪرڻ، (دستاويز يا ڪاغذ ۾) بي قاعدي ڦير گهير ڪرڻ، ناجائز تبديل ڪرڻ، تحريف ڪرڻ، لکڻ، (شاهد کي) سيکارڻ، پڙهائڻ، يادگيري تازي ڪرڻ.

tamper-evident (ٽمپر ايوي ڊنٽ) **adj.** (of packaging) designed in such a way that it is obvious when it has been tampered with, سامان کي اهڙي طرح سان بند ڪرڻ جو ڪير کولي ته خبر پئجي وڃي.

tamper-proof (ٽمپر پروف) **adj.** (of locks) that cannot be tampered with, تالا جيڪي ڪير کولي نه سگهي.

tamping (ٽمپنگ) **n.** the act of filling up a hole for blasting; the material used, تيل جي ڦاٽل کوهه کي بند ڪرڻ جو طريقو ۽ ان ۾ استعمال ٿيندڙ سامان.

tampion or tompion (ٽمپين) **n.** the stopper of a cannon; a plug, esp a protective plug placed in the muzzle of a gun (Fr), ڍنجو، بوڇ، (توپ لاءِ) ڏٽو، ڍنجي.

tampon (ٽمپن) **n.** a plug of cotton or other absorbent material inserted into a wound or orifice to control haemorrhage, or into the vagina to absorb menstrual flow; an inking-pad; a two-headed drumstick; to plug with a tampon, ڪپهه جي ڍنجي، ڪپهه جو بوڇ، ڪپهه جو ڀڙو، زالائو پهو، ٺپن جي ڪم لاءِ رنگ وارو پهو، ٻن مٿن واري ڪاٺي يا ڏونڪو، پهو رکي بند ڪرڻ.

tam-tam (ٽم ٽم، ٽمر ٽمر) **n.** a gong, esp one used in an orchestra, formerly, a tom-tom, ساز جو قسم.

tamworth (ٽم ورٿ) **n.** a breed of long bodied pigs with golden-red hair, سوئر جو وڏي قد ۽ سونهري وارن وارو نسل، فارمي نسل جو سوئر.

tan (ٽن) **n, adj, vt, vi.** a suntan; tawny brown colour; a lightish brown colour, beige; oak bark or other material used for tanning; spent bark; like tan in colour; tawny or beige; to convert into leather by steeping in vegetable solutions containing tannin, or mineral salts, or synthesized chemicals; to treat with tan or tannin; to make brown, suntanned or tawny; to beat; to become tanned, چمڙو رڱڻ يا رنگائڻ، ٻيـر وغيره جو چوڏي جهـڙو رنگڻ وارو مـادو، کل پچائڻ، چمـڙو ڪمائڻ، چمڙو مارڻ، (منهن) ٽامڙي ٿيڻ، چمڙي مار، کل يا چمڙيءَ تي اُس يا سج جي تپش ڪري رنگ چڙهڻ، رنگين بنائڻ، ڪٽڻ، سٽڻ.

tana[1] (ٽانا) **n.** a military or police station in India, پوليس جو ٿالو، فوج جي چونڪي.

tana[2] (ٽانا) **n.** a mainly terrestrial tree shrew of Sumatra and Borneo, سماٽراه بورنيو جو وڻ تي رهندڙ وڏي منهن وارو ڪوئو، جيت خور ڪوئو، وات ڏاري ڪوئو.

Tanach (ٽناخ) **n.** the three divisions of the Jewish Old Testament, comprising the Law, Prophets and Hagiographa, taken as a whole, توريت جا ٽي حصا جنهن ۾ هڪ ۾ قانون، ٻئي ۾ نبين ۽ ٽئين ۾ ولين جا بيان شامل آهن.

tanager (ٽنيجر) **n.** any passerine bird of the S American family subfamily, closely related to the buntings, the males having brightly-coloured plumage, آمريڪي جهنگلي پکي، جهرڪيءَ جيترا ننڍي چهنب وارا رنگين پکي، جهار جهرڪي، ٻوڙي پکي، تناجر جهرڪي.

Tanagra[1] (ٽئناگرا) **n.** a town of ancient Boeotia; a terracotta figurine made there, پراڻي زماني جو هڪ شهر ۽ اتان جا نهيل مٽيءَ جا مجسما يا بت. بوتا.

Tanagra[2] (ٽئينگرا) **n.** a passerine bird of the Thraupinae, closely related to the buntings, پکيءَ جو قسم. جهرڪيءَ جيترو ڏڪڻي چهنب وارو رنگين آمريڪي پکي. جهار جهرڪي. بوڙي پکي.

tanaiste (ٽائنشٽي) **n.** the deputy prime minister of the Republic of Ireland (Ir), آئرلينڊ جو نائب وزيراعظم.

tanalized or **tanalised** (ٽئنلائزڊ) **adj.** (of timber) treated with Tanalith ® a proprietary preservative, ڪاٺ کي دوا لڳائي ڪيڙي کان بچائڻ.

tandem (ٽئنڊم) **n, adv.** a bicycle, tricycle, for two people, one behind the other; an arrangement of two things, one placed behind the other, orig of two horses harnessed singly one behind the other; a wheeled-carriage with such a team of horses; ٻن ماڻهن جي چڙهڻ لاءِ سواري. گهوڙا. ٻن گهوڙن واري بگي. رٿ. ٻن ماڻهن جي چڙهڻ لاءِ سائيڪل. ٻن گهوڙن واري گاڏي. هڪ ٻئي پٺيان (جوٽيل) گهوڙا.

tandem roller (ٽئنڊم رولر) **n.** a road roller with front and back rollers of approximately the same diameter, روڊ رولر جنهن جو اڳيون ۽ پٺيون رولر ٻئي هڪ جيترا هجن.

tandoor (ٽئنڊور يا تندور) **n.** a clay or steel oven (Hindi), تندور. تنور. (مٽي وارو).

tandoori (تندوري) **n, adj.** a type of Indian cooking in which meat, vegetables, are baked over charcoal in a clay oven, تندوري پاچي. تندور ۾ پچايل مالي. پاچي. گوشت وغيره.

T'ang or **Tang** (ٽئنگ) **n.** a Chinese dynasty; of this dynasty, its period or its poetry and art, esp pottery, etc. (Chin), چيني وڏو گهراڻو. وڏي چيني گهراڻي جو ماڻهو. اُن چيني گهراڻي جا ناهيل مٽيءَ يا چينيءَ جا باسڻ. ٿانوَ. ڪراڪري.

tang[1] (ٽئنگ) **n.** a taste; a biting, characteristic or extraneous flavour, after-taste or smell; a smack, tinge or hint; pungency; a projecting piece or shank; a point, sting or spike; part of a tool that goes into the haft; tongue of a buckle; a prong; a barb; a sea-surgeon, تکو سواد. تيز سواد. چَٽ. تيز بوءِ. ڦر جي چوڙ. ڦشڪار. لوڪ. ڪَنڊو. ٻولو. سنبو. ٻاهر ٽي لڪتل جهنباري ٻيهڪ. پيالي ڪاٽو. سانگ. ڏندو. سوئَ. آنگرو. ڪنڊيدار تار.

tang[2] (ٽئنگ) **n, vt, vi.** a ringing sound; a twang; to cause to ring; to utter ringingly; to ring, واڄٽ. وڄڻ جو آواز. وڄڻ. گهنڊ وڄڻ جو آواز. گهنٽي وڄائڻ. واڄٽ ڪرڻ.

tang[3] (ٽئنگ) **n.** coarse seaweed, ڪائي جو قسم. ساموڊي گاهه.

tanga (ٽئنگا) **n.** a brief string-like bikini; (women's or men's) briefs consisting of a waistband and a triangle of fabric at front and back, so that the hips are left exposed at either side, سنهو پٽيءَ جهڙو ڪڇو. ڪمر بند. ڪمر پٽو. سنهو ٽه ڪنڊو ڪڇو.

tanged (ٽئنگڊ) **adj.** with a tang; barbed, ڪنڊيدار. ڪنڊن وارو. تيز. چڀندڙ. لوڪي. لوڪدار.

tangelo (ٽئنجيلو) **n.** a hybrid between tangerine orange and pomelo, نارنگي ۽ پينوس. پينس يا چڪوترو ميون کي پيوند ڪري حاصل ڪيل ميوو. گاڏڙ جنس ميوو.

tangency (ٽئنجنسي) **n.** fact of being tangent; a contact or touching. ويجهڙائي. هڪجهڙائي. ميل يا مطابقت. لاڳيتائپ. ڇهندڙ. ڇهاءُ.

tangent (ٽئنجنٽ) **adj, n.** of or involving a tangent; touching without intersecting; a line that touches a curve; the limiting case of a secant when the two points of intersection coincide; the ratio of the side of a right-angled triangle opposite the given angle to the side opposite the other acute angle; (the tangent of an obtuse angle is equal numerically to that of its supplement, but has the negative sign); the striking-pin of a clavichord, ليڪ جو ڇهڻ. ڇهڻي يا ملاقي ليڪ. سڌي ليڪ. ورچڻي ليڪ. خط. ليڪ جا ڪنهن ورڪي ڇهي. مماس. خط ملاقي. سپرش. ريکا.

tangential (ٽنجنشل) **adj.** pertaining to a tangent; in the direction of a tangent; peripheral, irrelevant, ڇهڻي ليڪ. سڌي ليڪ. ڇهاءُ.

tangent galvanometer (ٽئنجنٽ گيلوانو ميٽر) **n.** a galvanometer with a vertical circular coil and a horizontal magnetic needle, which measures a current passed through it by assessing the magnetic field produced which deflects the needle, ڇهڻي رو پيما. سڌي رو پيما. بجلي يا ڪنهن ٻه قسم جي وهڪري کي ماپڻ وارو اوزار.

tangentially or **tangentally** (ٽئنجنشلي) **adv.** in the direction of a tangent, ڇهاءُ ليڪ طرف.

tangerine (ٽئنجرين) **n, adj.** a mandarin orange, esp a small, flattish, loose-skinned variety; the colour of this fruit, a reddish orange; a native of Tangier on the coast of Morocco; tangerine-coloured or -

flavoured; of Tangier, نارنگي ميوو، ان ميوي جهڙو رنگ، لرم کل واري نارنگي، سنگتـرُو، لرم کل يا ڪاغذي کل نارنگي، ڪاغذي مٺي نارنگي.

tanghin (ٽنگن) **n.** a Madagascan poison, formerly used to test the guilt of someone suspected of a crime; the apocynaceous tree yielding it, زهر جو قسم، وڻ مان ملندڙ زهريلو مادو.

tangi (ٽنجي) **n.** a Maori ceremony of mourning, a funeral (Maori), جنازو، موت جو ماتم، افسوس ڪرڻ، سوڳ ۾ ويهڻ، سياپو ڪرڻ.

tangible (ٽنجيبل) **adj, n.** perceptible by the touch; capable of being possessed or realized; that may be touched; real; actual; evident; material, corporeal; a tangible thing or asset, ie physical property as opposed to goodwill, ڇهڻ يا هٿ لائڻ جهڙو، سپرشي، سپر شنيه، حقيقي، ڇهاءِ پذير، مادي، جسماني، چٽو پٽو، واضح، نظر ايندڙ، قابل حس.

Tangie (ٽنگي) **n.** an Orcadian water-spirit, appearing as a sea horse, or man covered with seaweed, پاڻيءَ جو روح، سامونڊي گهوڙو، سامونڊي گاهه ۾ ڍڪيل ديومالائي انسان.

tangle[1] (ٽنگل) **vt, vi, n.** to form into, involve in, or cover with a confused interwoven mass; to unite confusedly; to involve; to entangle; to hamper or trap; to become tangled; to become involved in conflict or argument; to embrace; a tangled mass or condition; a perplexity or complication; a naturalist's material; involved relations, conflict, argument, مُنجهائڻ، آرجهڻ، منجهڻ، مونجهارو، منجهائي الول ڪرڻ، گندڻ، گنجڻ، ٻولاٽو، ٻودو، ناڙ، لٽ، ڦاسائڻ، گهوٽالو، مونجهه، گند گوڙ، گوڪيڙو، ڳهر گهوڙ، بحث مباحثو، چتا پيٽي، هل هنگامو، گوڙ بکيڙو، رولو، پريشاني، جنجل، جهنجهٽ، قدرتي شيون گڏ ڪرڻ واري جون شيون، ڦلو، ڦيتارو.

tangle[2] (ٽنگل) **n.** coarse seaweed, esp the edible Laminaria, سامونڊي گاهه، ڪاڇرو بحري نباتات.

tangle[3] (ٽنگل) **n, adj.** any tall and limp person or thing; an icicle; long and limp, ڊگهو ۽ سنهو ماڻهو، ڏاکهو، سنهو ۽ ڊگهو، برف جو قلم.

tangle-picker (ٽنگل پڪر) **n.** the turnstone, چڪي، جنو، جالدو، آبي پنهو، پٿر اٿلائي کاڌو ڳوليندڙ ننڍو پکي.

tango[1] (ٽنگو) **n, vt.** a ballroom dance or dance-tune of Argentinian origi characterized by long steps and pauses, to dance the tango, ناچ، ٽنگو ناچ، حبشي يا شيدي ناچ، بربري ناچ، ارجنٽائين جو ناچ جو قسم، ناچ گهر ۾ جوڙن جو ڪيجي ڪرڻ وارو ناچ.

tango[2] (ٽنگو) **n.** (in international communications) a code word for the letter t, عالمي مواصلاتي نظام جو لفظ "ٽيءَ" لاءِ خاص نشان.

tangram (ٽنگرام) **n.** a Chinese puzzle, a square cut into seven pieces that will fit together in various ways, چيني پرولي، ڪنهن تصوير کي ستن حصن ۾ ڪٽي جدا ڪري وري جوڙڻ واري راند.

tangun (ٽنگن) **n.** the Tibetan piebald pony, تبتي ڇنڇن، ننڍي قد وارو گهوڙو، ٽٽون، ٽنگون ٽٽون يا پوني.

tanist (ٽنسٽ) **n.** a Celtic chief's heir elect; an elective prince among the ancient Irish. سردار جو چونڊيل وارث، آئرش چونڊيل شهزادو يا حڪمران.

tanistry (ٽنسٽري) **n.** an Irish custom or the system of succession by a previously elected member of the family, سردار جو وارث چونڊڻ جو طريقو يا رسم.

taniwha (ٽنيوا) **n.** a mythical Maori monster, usu a water monster (Maori), ديوتا، ديومالائي اجگر، پاڻيءَ جو اجگر، نيوزيلينڊ جي مائوري قبيلي جو ديوتا.

tank (ٽئنڪ) **n, vt, vi.** a storage vessel, large basin or cistern; a reservoir of water, oil; an armoured, enclosed, armed vehicle moving on caterpillar wheels; a receptacle for developing solutions; the amount held in a tank, a tankful; a prison or prison cell; a pool, pond, reservoir; to store in a tank; to plunge into a tank; to defeat, thrash; to drink heavily; to refuel; to travel, to drive at great speed or relentlessly; to lose or drop points, games, deliberately, حوض، تلاءُ، هَوڊ، ٽانڪي، ڍنڍ، نياڻ، سرّ، ڪولاب، نادي، ڪانٽو، ڍنڍ، نياڻ، سرّ، لوهي ڦيٿن تي هلندڙ، ٽئنڪ يا جنگي گاڏي، توپ گاڏي، ٿاڻو، جيل جو ڪمرو، ڪولي، تلاءُ ۾ گڏ ڪرڻ، ٽانڪيءَ ۾ وجهڻ، هارائڻ، شڪست ڏيڻ، مارڻ، ڪثي پورو ڪرڻ، تيل ڀرڻ، وري ڀرڻ، تيز رفتار سان موٽر هلائڻ، اشارا ڏيڻ، چالي ٻڌي ڏسڻ.

tanka[1] (ٽئنڪا) **n.** the boat population of Canton, inhabiting tank'a-boat, ڪئنٽن ۾ٽ جا ٻيڙين تي رهندڙ ماڻهو.

tanka[2] (ٽئنڪا) **n.** a waka, a Japanese poem of five lines and 31 syllables, the first and third lines having five syllables and the others seven, پنجن سٽن وارو جاپاني نظم يا شعر.

tankage (ٽئنڪيج) **n.** storing in tanks; charge for such storage; the capacity of a tank or tanks; residue from tanks; a fertilizer derived from the dried residues of animal carcases, حوض ۾ گڏ ڪرڻ، چربيءَ مان

ٽڪرندڙ پاڻ جو قسم، پاڻي يا ڪا شيءِ حوض ۾ رکڻ جو معاوضو. ٽانڪيءَ يا حوض جي گنجائش.

tankard (ٽئنڪرڊ) **n.** a large mug-like drinking vessel, usu with a handle and sometimes a hinged lid, used esp for drinking beer from; the amount contained in a tankard. (شراب لاءِ) دَونگرَ يا منگهو (ڍڪ سان)، مَٽبو يا آبخارو، ڍڪ سان وڏو پيالو، وڏو مَٽبو، جگ، پريل جگ.

tank buster (ٽئنڪ بسٽر) **n.** a jet aircraft designed to attack and destroy tanks. ٽئنڪ کي تباهه ڪرڻ لاءِ جنگي هوائي جهاز.

tank-car or **-wagon** (ٽئنڪ ڪار آر ونگن) **n.** a railway wagon for carrying oil or other liquid in a large tank. تيل ڍوئڻ لاءِ ريل جو گاڏو يا ٽانڪي.

tank engine (ٽئنڪ انجن) **n.** a locomotive that incorporates its own tanks for carrying water and coal (without the need for a tender). حوض دار انجڻ، پاڻ تي هلڻ واري ريلوي انجڻ جو پاڻيءَ جي حوض ۽ ڪوئلن ڪڍي هلڻ وارو گاڏو يا حصو.

tanker (ٽئنڪر) **n.** a ship or heavy vehicle that carries liquids, esp oil in bulk; an aircraft that refuels others. حوض دارگاڏي، حوض دار جهاز، تيل ڍوئڻ وارو جهاز يا ٽرڪ، ٽانڪي دار، هوا ۾ جهازن کي تيل پهچائڻ وارو جهاز.

tank farm (ٽئنڪ فارم) **n.** an area with tanks for storing oil. تيل جا حوض، تيل جي حوضن واري جڳهه، تيل جي جمع ڪرڻ واري جڳهه.

tank-farming (ٽئنڪ فارمنگ) **n.** hydroponics. پاڻيءَ واري زراعت، آبي زراعت، آبي پوک، حوض ۾ پاڻي گڏ ڪري زراعت لاءِ استعمال ڪرڻ.

tank furnace (ٽئنڪ فرنيس) **n.** (glass) a furnace consisting of a large 'box' of refractory material, which can hold up to 200 tonnes of glass. وڏي حوض بٺي.

tanking (ٽئنڪنگ) **n.** a defeat, a thrashing, waterproof material included in an underground structure to prevent infiltration of subsoil water. مار، موچڙا ماري، پاڻيءَ کان محفوظ رکندڙ مادو جيڪو ٽانڪين وغيره ۾ لڳايو وڃي (ته ٻاهريون پاڻي اندر داخل نه ٿئي).

tank top (ٽئنڪ ٽاپ) **n.** a sleeveless pullover, usu with a low round neckline, worn over a shirt. بنا ٻانهن وارو سوئيٽر، جرسي.

tank-trap (ٽئنڪ ٽرئپ) **n.** an obstacle large enough to stop a military tank. فوجي ٽئنڪ جي رستي ۾ روڪڻ لاءِ وڏي رڪاوٽ.

tanner (ٽئنر) **n.** one who tans hides, or converts them into leather by the use of tan; a sixpence, چمڙي تي رنگ ڪندڙ، ڇهن پيسن جو سڪو.

tannery (ٽئنري) **n.** a place where tanning is carried on; art of process of tanning; the apparatus for tanning. چمڙي رنگڻ جو ڪارخانو، چمڙي رنگڻ جي جاءِ، چمڙي رنگائيءَ جي ڪم ايندڙ اوزار.

Tannoy ® (ٽئنوئي) **n.** a sound-reproducing and amplifying system. آواز پيدا ڪرڻ ۽ وڌائڻ جو سرشتو.

tannoy (ٽئنوئي) **vi.** to call by, use, or make a sound by, Tannoy. ائمپليفائر مان آواز کي گهٽ وڌ ڪرڻ، سڏ ڪرڻ، آواز ڪڍڻ.

tansy (ٽئنزي) **n.** a bitter, aromatic roadside composite herb plant with small heads of tubular yellow flowers, the leaves having formerly been used in cookery and medicine; extended to other plants, such as ragwort, silverweed and yarrow; a pudding or cake flavoured with tansy, eaten at Easter. ڪرنفل ٻوٽو، پيلن گلن واري جهنگلي ٻوٽي جيڪا دوائن ۽ کاڌي جي استعمال ۾ ايندي هئي، ڪرنفل ٻوٽي جي خوشبوءِ وارو ڪيڪ.

tantalate (ٽئنٽيليٽ) **n.** a salt of tantalic acid, of or containing tantalum; a black mineral, the main ore from which tantalum is derived. خاڪي پلاٽينم جو لوڻ.

tantalic acid (ٽئنٽيلڪ ائسڊ) **n.** an acid ($HTaO_3$) that forms salt or tantalates. خاڪي پلاٽينم تيزاب.

tantalism (ٽئنٽيلزم) **n.** the punishment of Tantalus; a tormenting. ٽئنٽي لس ديوتا جي سزا، پيڙ، عذاب ڏيڻ ڇچلائڻ، آزارڻ.

tantalize (-ise) (ٽئنٽ لائز) **vt.** to torment by presenting something desirable but keeping it out of reach; to entice or provoke frustratingly; to torture or tease laboriously into unnatural form. سڪائڻ، ڪا شيءِ سامهون آڻي پري ڪرڻ، ڏيکاري هٿ وجڻ، لالچائڻ، لوب ڏيڻ، دک ڪرڻ، هلاک ڪرڻ، غير قدرتي حالت ۾ آڻڻ، آپي کان ٻاهر ڪرڻ.

tantalum (ٽئنٽالم) **n.** a metallic element (symbol Ta; atomic no 73), acid-resistant and useful for electronic and surgical parts. چمڪدار خاڪي پلاٽينم (ڌاتو).

tantalum lamp (ٽئنٽالم لئمپ) **n.** an electric lamp with tantalum filament. چمڪدار پلاٽينم جي تار لڳل بتي يا بلب.

Tantalus (ٽئنٽالس) **n.** a son of Zeus punished in Tartarus (for revealing secrets of the gods) by having to stand in water that ebbed when he attempted to drink, overhung by grapes that drew back when he reached for them; a case in which alcohol decanters are visible but locked up; any bird of the

wood-ibis genus Tantalus, زيوس ديوتا جي پٽ ٽنٽيلس کي پاڻيءَ ۾ بيهڻ واري ڏنل سزا. شراب جي دٻن کي لفظ اينڊڙ جڳهين تي بند ڪري رکڻ. پيالڻ. پکيءَ جي جنس.

Tantalus-cup (ٽنٽالس ڪپ) **n.** a philosophical toy, with a siphon within the figure of a man whose chin is on a level with its bend, فلسفي جو هڪ رانديڪو.

tantamount (ٽنٽا مائونٽ) **adj.** amounting to as much or to the same; equal; equivalent; equal in value, force or meaning, مساوي (جي) برابر. مثل. قيمت يا ملهه ۾ برابر معنيٰ ۾ ساڳيو. ساڳي ملهه وارو.

tantara (ٽنٽارا) **n.** a blast on the trumpet or horn, توتاري جو تيز واڄٽ. تيز آواز سان توتارو وڄائڻ.

tanti (ٽنٽاءِ) **adj.** worth while, مناسب. لائق. چوڳو.

tantivy (ٽنٽوي) **adv, adj.** at full or violent gallop; headlong; a hunting cry; a rapid rush; a nickname for a Tory High Churchman; High Church Tory; expressive of galloping or expressive of the sound of the hunting-horn, ميدان ڪشڻ. ڊوڙ. لوهَه. سرارو. اڳامنڊڙ. اڳامندو (ويو). تڪڙو وڃڻ. سٽ پائڻ. جوهه ڪرڻ. دقيانوسي مذهبي مائهو. آواز جنهن مان ڪنهن شيءِ جي هلڻ يا وڃڻ جي خبر پوي.

tant mieux (ٽانميو) so much the better (Fr), جيترو آهي اهو ڪوڙ آ. رضا تي راضي. جيڪو مليو.

tanto (ٽنٽو) so much, too much, تمام گهڻو. جيتري قدر.

tanto uberior (ٽنٽو يوبيريَر) so much the richer (L), ايترو گهڻو جو شاهوڪارسمجهيو وڃي. هيترو شاهوڪار. هيتريءَ ماليءَ وارو.

tant pis (ٽنٽ پس) so much the worse (Fr.), ايترو جو خراب لڳي. هيترو خراب. هتڙو خراب.

Tantra or **tantra** (ٽنٽرا. ٽنٽرا) **n.** any of a number of Hindu and Buddhist writings giving religious teaching and ritual instructions (including the use of incantations, diagrams); the teaching of the Tantras, هندو مذهب جون لکتون. مذهبي سکيا. مذهبي تعليم. مذهبي ڪتاب. ديني ڳالهيون.

Tantrism (ٽنٽرزم) **n.** the teaching of the Tantras, هندو مت جي تعليم. هندومت جي بنيادي اصولن جي تربيت.

tantrum (ٽنٽرَم) **n.** a sudden fit of childish, uncontrolled bad temper ill-humour or rage, (واجبي سبب بنا) چڙ. ڪروڌ. جهل. بد مزاجي. ڦوڪجڻ. ڦوسالجڻ.

Tantum ergo (ٽنٽم آرگو) **n.** the fifth stanza of the Latin hymn, لاطيني مذهبي گيت جو پنجو مصرعو.

Tao (تائو) **n.** (in Taoism) the absolute entity which is the source of all existence and change; (in Confucianism and some other philosophies) the way to be followed, right and proper conduct, (تائو مذهب ۾) هڪ هستيءَ جي موجودگيءَ جو اصول. (ٻين مذهبن ۾) صحيح عقيدي وارو طريقو جنهن تي عمل ڪيو وڃي.

taoiseach (ٽي شوهه) **n.** the prime minister of the Republic of Ireland, آئرلينڊ جو وزيراعظم.

Taoism (تائو ازم) **n.** the philosophical system set forth in the Tao Te Ching (ascribed to the legendary Chinese philosopher Lao-tzu, perh born 604 BC) and other works; a religious system combining Taoist philosophy with magic and superstition and the worship of many gods, تائو مذهب جا متا ۽ سکيا. تائو مذهب جا ڪتاب. تائو مذهب ۾ جادوءَ ۽ ڪيترن ئي ديوتائن جي عبادت جا اصول.

tap[1] (ٽيپ) **n, vi, vt.** a gentle knock or its sound; a pat; a protective piece on a shoe heel; a shoe sole; a metal piece attached to the sole and heel of a shoe for tap-dancing; tap-dancing; a signal (esp a bugle call) for putting lights out, also used at military funerals; to knock gently; to walk making a tapping sound; to tap-dance; to provide or repair with a tap, لپرڻ. بگل وڄائڻ. بگل رستي اعلان ڪرڻ. ٺاپي. ڪهي. لپرڻ. کڙڪو. بوٽ جو ترو. لپڻ. ٺاپي ڏيڻ. لڙڪائڻ. ٺوڪر. چوڪ. کڙڪائڻ. (بوٽ کي) لٺون ترو وجهائڻ. لٺون ترو. لپر. ٺڪ ٺڪ ڪرڻ. ناچ جو قسم. ناچ ڪرڻ. ناچ ۾ زور زور سان پير هڻڻ. دروازي کي آهستي کڙڪائڻ.

tap[2] (ٽيپ) **n, vt, vi.** a hole or short pipe with a valve for running off a fluid; a peg or stopper on a barrel; a taproom; any particular liquor drawn through a tap; a screw for cutting an internal thread; a taproot; a device, which when attached to a telephone line, enables, eg the police, security forces, secretly to listen to conversations; an instance of tapping a telephone wire; tap stock; to pierce, so as to let out fluid; to broach; to draw off; to draw upon, esp for the first time; to attach a receiver to a telephone line in order secretly to overhear conversations; to eaves-drop on a conversation by this means; to get supplies, information, from; to get money from; to supply with a tap, or with a screw-thread; to act as a tapster, نل. نل جي ٻنجي. ٽوٽي. ڏٽو. (پيپ جي) ٻنجي. پيچدار. ٻنجي وجهڻ. (پيپ کي) ڇيد ڪرڻ. ڪپو. لپو. ٺڪو ڏيڻ. نل رستي شراب ڪڍڻ. پيپ مان شراب ڪڍڻ. اسڪروءَ جو سوراخ ۾ اندر وڃڻ وارو حصو. ٽيليفون کي ٽيپ ڪرڻ. ٽيپ ڪرڻ وارو اوزار. فون تي ڳالهيون ٻڌڻ.

ٽيپ جي پٽي، ٻهريون ٻيرو وهائڻ،فون سان اوزار لڳائي ٻين جي ڳالهه ٻولهه ٻڌڻ، خبر چار وٺڻ، ڳجها ڳالها ڪرڻ، معلومات حاصل ڪرڻ، پئسو حاصل ڪرڻ، نل لڳائڻ، بجي لڳائڻ.

tap[3] **(ٽئپ)** **n.** an Indian malarial fever (Pers), مليريا جو بخار.

tapa[1] or **tappa (ٽاپا)** **n.** a paper-mulberry bark; a fabric made from this, وڻ جي کل يا ڇل جنهن مان ٽَڏا ٺاهيا ويندا آهن، ٽڏا، ٽڏيون، پڙڇ، چوڏي مان ٺاهيل ڪپڙو.

tapa[2] **(ٽاپا)** **n.** a light savoury snack or appetizer, esp one based on Mediterranean, esp Spanish, foods and cooking techniques, چٽ پٽو کاڌو، سوپ، يخني، اشتها وڌائيندڙ کاڌو، مزيدار کاڌو، مصالحيدار کاڌو.

tapaculo or **tapacolo (ٽاپا ڪولو)** **n.** a small S American passerine bird with a tilted tail, ڏکڻ آمريڪي جو جهرڪيءَ جهڙو پکي، لڏندڙ پڇ واري جهرڪي، ڦوسڙي پکي.

tapadera or **tapadero (ٽاپا ڊيرا- ڊيرو.)** **n.** the leader guard in front of a Mexican stirrup, ميڪسيڪو جو مکيه سنيالبندڙ.

tap-bolt (ٽئپ بولٽ) **n.** a screwed-in bolt, پيچدار بجي، پيچدار ڪوڪو، اسڪرو.

tap-cinder (ٽئپ سنڊر) **n.** slag produced in a puddling furnace, ڪوئلو، ڪوئلي جو ڦسر.

tap-dressing (ٽئپ ڊريسنگ) **n.** well-dressing, مناسب پوشاڪ، سهڻو وڳو.

tape (ٽيپ) **n, vt.** material woven in long narrow bands; a strip of such material, used for typing up, connecting, sticking; a strip of material stretched across the track at the winning-line of a race; a ribbon of paper printed by a recording instrument, as in telegraphy; a flexible band that guides the sheets; a tape measure; magnetic tape; a tape recording or cassette; liquor; to provide, fasten, bind or measure with a tape; to tape-record; to get the range or measure of; to deal out, or use, sparingly, پٽو، پٽي، ٽيپ، رِبن، پٽي، ماپ واري پٽي، ڪاغذ ڪٽڻ واري پٽي، پٽيءَ سان ٻڌڻ، پٽيون لڳائڻ، پٽي يا ٽيپ سان ماپڻ، اندازو ڪرڻ، ماپي ڏسڻ، اتفاقي استعمال، ڪڏهن ڪڏهن استعمال ڪرڻ، مقناطيسي ٽيپ ڪرڻ واري ٽيپ مشين، وڄائڻ واري ٽيپ، ٽيپ رڪارڊ، ڪور، ڪينٽون، ڦيٿ، (ڪٽ لاءِ) نوار، (سٽڻ لاءِ) اڳٽ، ٽڪي، ڦوٽ، ڪٽ، پيٽ جا ڪينٽان.

tape deck (ٽيپ ڊيڪ) **n.** a machine for recording sound on tape and playing tape-recorded sound through a separate amplifier as part of a hi-fi system; a tape drive, آواز رڪارڊ ڪرڻ واري مشين، ڊيڪ، ٽيپ وڄائڻ واري مشين.

tape drive, deck or **transport (ٽيپ ڊرائيو)** **n.** (comput) a mechanism within a computer or peripheral device which moves magnetic tape across the recording and playback heads, (ڪمپيوٽر جو) معلومات کي جمع ڪرڻ جو نظام، ڪمپيوٽر جي ٽيپ، جنهن تي معلومات رکي وڃي ٿي انکي هلائڻ واري مشين ٽيپ رڪارڊ.

tape grass (ٽئپ گراس) **n.** any plant of the genus Vallisneria, ٽيپ گاهه، چيتري ٽڙ گاهه (ٻوٽو).

tape line or **tape measure (ٽئپ لائين)** **n.** a flexible measuring strip of tape, steel or other material, پيمائشي ٽيپ، ٽيپ واري پٽي، لوهي ٽيپ.

tape-loop (ٽيپ لوپ) **n.** a length of magnetic tape or film with the ends joined together to form an endless strip, allowing a recording to be continuously repeated, گول ڦرڻ واري ٽيپ يا پٽي، مسلسل يا لاڳيتي هلڻ واري پٽي.

tape luring (ٽيپ ليورنگ) **n.** the luring and subsequent capture of a seabird by playing tape-recordings of its call from beaches and cliffs, آواز ذريعي سامونڊي پکي پڪڙڻ جو طريقو، پکين جو آواز ٽيپ ڪري پکين کي سڏڻ.

tape machine (ٽيپ مشين) **n.** a telegraphic instrument by which messages received are automatically printed on a tape, ٽيپ مشين، خودڪار ٽيپ ڪل، ٽيپ رڪارڊر.

tapenade (ٽئپ ناڊ) **n.** a paste made from capers, anchovies and black olives, seasoned with olive oil and lemon juice, used in French cooking, فرينچ کاڌن لاءِ مختلف ڀاڄين مان ٺاهيل چٽني.

tape punch (ٽيپ پنچ) **n.** (comput) a device which encodes data by punching holes in paper tape, ڪمپيوٽر جو ٽيپ تي سوراخ ڪرڻ وارو نظام، ڪارڊن تي سوراخ ڪرڻ وارو ڪمپيوٽر جو نظام.

taper (ٽيپر) **n, adj, vi, vt.** a long thin waxed wick or spill; a feeble or small light; lengthwise diminution in width; gradual leaving off; a wax-candle; tapering form; to become gradually smaller; to diminish slowly in size, quantity or importance; to make to taper, مخروطي سوڙهي بتي، مشعل، هڪ طرفو وڌندڙ، لڙيل، ڏيو، شمع، سنهي سوڙهي بتي، هڪ طرف سنهو ڪرڻ، سنهو ٿيندو وڃڻ، نوڪيلو ٿيڻ، مقدار يا اثر جو آهستي گهٽ ٿيڻ، سنهو ڪري ڇنبيارو بنائڻ، ٽيپ يا وَٽ، سنهي ڏوري.

tape reader (ٽيپ ريڊر) **n.** a device which senses data

recorded on paper or magnetic tape and converts it into a form suitable for computer processing, ڪمپيوٽر جي ٽيپ تي وڌل معلومات کي پڙهندڙ اوزار. رڪارڊ ٽيپ تان معلومات ڪڍندڙ مشين.

tape-record (ٽيپ رڪارڊ) **vt.** to record sound using a tape recorder, ٽيپ ڪرڻ. آواز ٽيپ ڪرڻ.

tape recorder (ٽيپ رڪارڊر) **n.** an instrument for recording sound on magnetic tape and subsequently reproducing it, آواز اندراج اوزار. آواز رڪارڊ ڪرڻ جي مشين.

tape recording (ٽيپ رڪارڊنگ) **n.** the act or process of recording sound on magnetic tape; a magnetic tape on which sound has been recorded; the sound so recorded, آواز اندراج ڪرڻ جو طريقيڪار. آواز رڪارڊ ڪرڻ جو طريقو.

tapered (ٽيپرڊ) **adj.** tapering; lighted by tapers, مخروطي. لوٽي. ڇهنبدار. هڪ طرف لڙيل. ميڻ بتين سان روشن ڪيل.

taperer (ٽيپرر) **n.** a person carrying a taper in a religious ceremony, مذهبي موقعي تي مشعل کڻي هلندڙ ماڻهو. جاليءَ وارو جو اڳوائي ڪري.

tapestry (ٽيپسٽري) **n, adj, vt.** an ornamental textile used for the covering of walls and furniture, and for curtains, made of a fixed-warp fabric; a picture or design made of this; a machine-made imitation of this; anything like a tapestry in being intricate and with many closely-interwoven elements; of tapestry; to hang with tapestry; to work or represent in tapestry, پرت جو ڪم. گل ڪاري. مينا ڪاري. قلڪاري. پردن جو ڪپڙو. ديوار گيري. مشجر. مورتن وارو ڪپڙو. مختلف تصويرن سان اٽڪ ٽيل ڪپڙو. گل ڪاري ڪرڻ.

tapestry moth (ٽيپسٽري ماٿ) **n.** a moth of the Tineidae family with brown, white-tipped forewings (Fr), بوبٽ جو قسم. پتنگ. پروانو. پردن ۽ غاليچن جو نقصان ڪار جيت.

tapet (ٽيپٽ) **n.** a piece of tapestry, پردو. قلڪاري. گل ڪاري. مينا ڪاريءَ وارو ڪپڙو.

tapeti (ٽيپٽي) **n.** the Brazilian rabbit, برازيلي سهو.

tapetum (ٽيپٽم) **n.** a layer of cells surrounding spore mother-cells; the light-reflecting pigmentary layer of the retina, دماغي خليا. دماغي گهرڙا.

taphephobia or **taphophobia** (ٽئفي فوبيا) **n.** morbid fear of being buried alive, زنده پورجڻ جي خوف واري بيماري.

taphonomy (ٽئفونومي) **n.** the study of science of how plants and animals die, decay and become buried, fossil or fossilized, جاندارن ۽ ٻوٽن جي زوال جي باري ۾ علم.

taphrogenesis (ٽئفرو جينيسس) **n.** vertical movements of the Earth's crust resulting in the formation of major faults and rift valleys, ڌرتيءَ جي تهن جي هيٺ مٿي چرپر جنهن ڪري زلزلا اچن ٿا.

tapioca (ٽيپيوڪا) **n.** a farinaceous substance made from cassava meal, extended to a kind of sago and a preparation of potato starch; a pudding made from tapioca, ڪساوا جي سوجي. پٽاٽن جي نشاستي مان ٺاهيل پڊنگ. پٽاٽي مان حاصل ٿيندڙ نشاستيدار بادو.

tapir (ٽيپر) **n.** a large odd-toed hoofed mammal with a short flexible proboscis, several species of which are found in S America, Malaya, etc, وڏي قد جو کير پيارينڌڙ ڪُرن وارو آمريڪي يا ملائي جانور. ملائيشيا ۽ برازيل جو آبي گهوڙو. گهوڙي صورت آبي جانور. ٽيپر جانور. سونڊ وارو آبي جانور.

tapis (ٽئپس) **n.** a table cover; carpet; a covering hanging, of tapestry or the like, پريل ميز پوش. پريل پردن جو ڪپڙو. جهالر.

tapotement (ٽئپوٽمينٽ) **n.** the use of light taps in massage (Fr), بدن کي مالش ڪرڻ وقت آڱرين سان هلڪا ڌڪ هڻڻ.

tapper (ٽئپر) **n.** one who taps trees; a milking-machine, وڻن کي لڪي رس ڪڍندڙ. کير ڏهائي مشين.

tappet (ٽئپٽ) **n.** a projection that transmits motion from one part of a machine to another by tapping, esp in an internal-combustion engine from the camshaft to the valves, پرزو جيڪو مشين جي چرپر کي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچائي. ڪار جي انجڻ جو هڪ پرزو جيڪو قوت کي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ موڪلي.

tappice (ٽئپس) **vi, vt.** to lie low; to hide (Fr), لڪڻ. ڇپڻ. جهڪڻ. جهڪي ويهڻ. ڪرونڊڙو ويهڻ. اوڪڙو ويهڻ. لونڊڙو ٿي ويهڻ. ڍاڪڻ ۾ ويهڻ.

tapping (ٽئپنگ) **n.** the surgical operation of letting out fluid, as in dropsy, جراحيءَ زريعي بدن جو واڌو يا جلندر وارو پاڻي خارج ڪرڻ جو عمل.

tap-room (ٽئپ روم) **n.** a room where beer is served from the tap or cask, هوٽل جي اها جڳهه جتي پيپ مان بيئر ڪڍي پياريو وڃي.

tap-root (ٽئپ روٽ) **n.** a strong and main root growing down vertically, مکيه ۽ مضبوط پاڙ. ابتدائي پاڙ. اصلي پاڙ. شروعاتي پاڙ. مکيه جڙ. ڍڪهي پاڙ. هيٺ سڌي ويندڙ پاڙ.

tapster (ٽيپسٽر) **n.** one who draws and serves alcoholic drinks at a bar, شراب پيارينڌڙ ، ساقي، ڪلال، موکي.

tap stock (ٽيپ اسٽاڪ) **n.** government bonds, to which the public can subscribe at any time, حڪومتي بانڊ.

tap water (ٽيپ واٽر) **n.** water from a household tap, نلڪي جو پاڻي، نل جو پاڻي، ٽونٽيءَ جو پاڻي.

tar[1] (ٽار) **n, vt.** a thick dark viscous mixture obtained by destructive distillation of wood, coal, peat; a natural bituminous substance of similar appearance (mineral tar); to smear, coat or treat, with tar, ڏامر، ڏامر لڳائڻ، تار ڪول، رال، ڏامر جهڙو مادو، ڪوئلي يا زمين مان ملندڙ ڪارو مادو.

tar[2] (ٽار) **n.** a sailor, مهاڻو، ناکئون، خلاصي، مهر بحر.

tar[3] (ٽار) **vt.** to set on, incite to fight, (ڪتا) ڀڄ ڪرڻ، ڀڇڻ، جهيڙي لاءِ مچائڻ، ڀڙڪائڻ، (وڙهڻ لاءِ) ڇيڙڻ.

tara (ٽارا) **n.** a variety of bracken found in New Zealand and Tasmania, with an edible rhizome, ڍڪهو ڦرهي وڻ جنهن ۾ ڪاڄرو ميوو ٿئي.

taramasalata (ٽئر مسلاٽا) **n.** a Greek dish, a pink creamy paste made of grey mullet or smoked cod's roe with olive oil and garlic, يوناني ڪاڌو، چٽني.

tarand (ٽرنڊ) **n.** a northern beast fabled to change colour like the chameleon; a reindeer, اترين علائقن جو (خيالي) حيوان، رنگ مٽائيندڙ ديومالائي حيوان، رينڊيئر جانور، اترين علائقن جو بارهه سڱون جانور.

tarantas or **tarantass** (ٽرنٽس) **n.** a four-wheeled, horse-drawn Russian vehicle mounted on poles, روسي چئن ڦيٿن واري گاڏي يا ٽانگو.

tarantella (ٽرنٽيلا) **n.** a lively whirling Neapolitan dance; once thought a remedy for tarantism; a tune for it, نيپولين جي زماني جو هڪ ناچ ۽ ان لاءِ موسيقي، ناچ جي بيماريءَ جو علاج.

tarantism (ٽرنٽزم) **n.** an epidemic dancing mania, esp prevalent in S Italy from the 15c to 17c, popularly thought to be caused by the tarantula bite, ناچ جو شوق، ناچ ڪرڻ جي بيماري، زهريلي ڪوريئڙي جي چڪ ڪري ٿيندڙ بيماري (جنهن ۾ مريض ٽنگ سان ويهي نه سگهندو آهي)

tarantula (ٽرنٽيولا) **n.** a large venomous S European hairy wolf spider, once supposed to cause tarantism; any of various large hairy spiders of the family, whose bite is painful but not generally venomous to man; (in America) applied to large venomous spiders of the bird-catching family; (in Australia) applied to several large harmless laterigrade spiders, esp the huntsman spider; a genus of pedipalps, وڏو زهريلو ڪوريئڙو، ٽارنٽولا ڪوريئڙي جو قسم، ڏکڻ يورپ، آسٽريليا ۽ ڏکڻ آمريڪا جا مختلف قسمن جا ڪوريئڙا جن ۾ زهريلا ۽ غير زهريلا شامل آهن.

taratantara (ٽارٽنٽرا) **n.** the sound of a trumpet or trumpet fanfare, ساز جو آواز، ترهيءَ يا قرنائيءَ جو آواز.

taraxacum (ٽرئڪسڪم) **n.** a plant of the dandelion genus; its root and rootstock, a tonic laxative, گل قاصدي، پتر بوٽو، ڪهرو، ڪهرو ڏڌو، بوٽي جو عرق، طاقتور جلاب آور بوٽي جي رس.

tarboosh, tarboush or **tarbush** (ٽار بُوش) **n.** a fez, a hat worn by Muslim men, sometimes as the base of a turban (Ar), ترڪي ٽوپي، ٽوپي، تربوش ٽوپي.

Tardenoisian (ٽار ڊي نوئيزين) **adj.** belonging to a stage of culture represented by flint implements found at Tardenois, Aisne, France, transitional between Palaeolithic and Neolithic, فرانس جي علائقي جي پراڻي تهذيب بابت ۽ ان جا اوزار.

Tardigrada (ٽار ڊي گريڊا) **n.** a class of arthropods found in water, ditches, the bear-animalcules; formerly the sloths, پاڻيءَ جا جيو، پاڻي جا رڇ صورت جيو، پاڻي جا سست چال وارا جيوڙا، سلاٿ رڇ شڪل پاڻيءَ جو جيوڙو.

tardigrade (ٽار ڊي گريڊ) **adj, n.** slow-paced; of or pertaining to the Tardigrada; a member of the Tardigrada, سست رفتار، آهستي هلندڙ جانورن جو قسم، سست چال وارو جانور.

tardive (ٽارڊو) **adj.** late in development, (واڌ ۾) سست.

tardive dyskinesia (ٽارڊو ڊائس ڪنيشيا) **n.** a condition caused by long-term use of some tranquilizers, characterized by loss of muscle control leading to involuntary facial and head movements and excessive salivating, نشي وارن ماڻهن جي) بدني عضون جي ڪمزوري ۽ ڍرڪ جي واڌ، ننڊ آور مادن جي استعمال ڪري عضون جو پاڻ مرادو چرڻ پرڻ، مستي جو لاڙ، منهن جي صورت بدلجڻ وغيره.

tardy (ٽارڊي) **adj, vt.** slow; dilatory; late; sluggish; behindhand; too long delayed; caught at fault; to retard, ڍلو، سست، دير ڪندڙ، دير سان ڪم ڪندڙ، ڪيسريو، وسنو، پاڇانو، جلهو، ڍرو، سستي ڪرڻ، دير ڪيل، دير وڌل، گهڻي وقت کانپوءِ ترسايل، غلطيءَ تي پڪڙيل.

tardy-gaited (ٽارڊي گيٽيڊ) **adj.** slow-paced, سست، ڍرو.

tare[1] (ٽيئر) **n.** a leguminous plant; a vetch of various kinds, esp of the lentil-like group; a weed, darnel, ٻوٽن جو قسم، ٻوڙا، خس گاهه، ڪنن گاهه، جهنگلي مٺ.

tare² (ٽيئر) **n, vt.** the weight of a vessel, wrapping or container, which subtracted from the gross weight gives the net weight; an allowance made for this; the weight of an empty vehicle, without cargo, passengers, fuel etc; to ascertain or allow for the tare of, مال گاڏي يا بارداني جو آهن، وزن، ڏوڙ، تور پيسڻ، بارداني جو ڪٽتو، ڏولڻ، خالي گاڏي جو وزن، ڪنهن به شيءِ جو پنهنجو وزن .

tare and tret (ٽيئر اينڊ ٽريٽ) **n.** the arithmetical rule for computing the net weight of goods, سامان جي صافي وزن حاصل ڪرڻ جو حسابي طريقو.

targa top (ٽارگا ٽاپ) **n.** a removable hard roof on a car, which fits into the boot when not in use, موٽر گاڏي جنهن جي سخت ڇت لاهي پٺين حصي ۾ رکي سگهجي.

targe¹ (ٽارج) **n.** a target or shield, esp a light shield, ڍال، بچاءُ، هلڪي ڍال.

targe² (ٽارج) **vt.** to cross-examine; to supervise strictly; to reprimand; to thrash, آڏي پُڇا ڪرڻ، سوال جواب ڪرڻ، چنڊ پٽڻ، دب ڪڍڻ، ٺڪا ٺوڪي ڪرڻ، سوچڙو مار ڏيڻ.

target (ٽارگيٽ) **n, adj, vt.** a small circular shield or a shield-like mark to shoot at for practice or competition; an object aimed at; a butt or focus; a result to be aimed at; a shooting score; a neck and breast of lamb; a small buckler or round shield; a surface on which electrons impinge at high velocity, such as the fluorescent screen of a cathode-ray tube; a plate in a television camera tube on which external scenes are focused and scanned by an electron beam; a reflecting object which returns radiated pulse energy to the receiver of a rader system; a sight on a levelling staff; an American railway signal; chosen as a target, aimed at; to aim; to aim at; to make or identify, as a focus, target or victim, نشانو، دلگ، هَدَفُ، چٽُ لاءِ نشان، آچار، ننڍي ڍال، چنڊ، تخمينو، اندازو، اڪڪٽي، جنهن تي نشان ڪجي، گهيٽي جي ڳچي ۽ سيني وارو حصو، اهڙي جڳهه جنهن تي اليڪٽرون تمام تيز رفتاريءَ سان هلن، ٽيليويزن جو سامهون شيشو ۽ ان جي اندروني جوڙجڪ، ٽيليويزن جي ڪئميرا جو اهو حصو جنهن ۾ تصويرون ٺهن ۽ بعد ۾ فلمائجن ٿيون، راڊار جو ٻاهر اشارا موڪلڻ ۽ وٺڻ جو نظام، ليول تي سڌ وٺڻ لاءِ لڳل اک جي نشان وارو شيشو، آمريڪا جي ريل جو سگنل، نشان ڪيل جڳهه، اها شي يا ماڻهو جنهن کي نشانو بنائجي، ڪئميرا ۾ تصوير لاءِ منظر، نشاني جو ڪاچ، شڪار.

target area (ٽارگيٽ ايريا) **n.** an area containing a target, or which is a target, eg of missiles, هدف، نشاني لاءِ مقرر ڪيل ايراضي، نشاني لاءِ مقرر ايراضي.

target cell (ٽارگيٽ سيل) **n.** (immunol) an antigen-bearing cell which is the target of attack by lymphocytes or a specific antibody, (بدني بچاءُ واري نظام ۾) اهو جزو جنهن تي ٻاهرين جزن طرفان اثر وجهڻ لاءِ ڪوشش ڪئي وڃي.

target language (ٽارگيٽ لئنگئيج) **n.** the language into which a text is to be translated, ٻولي جنهن ۾ ترجمو ڪرڻو هجي، ترجمي لاءِ ڏسيل ٻولي.

target man (ٽارگيٽ مئن) **n.** a tall forward player to whom high passes can be made (football), (فوٽ بال راند ۾) ڊگهي قد وارو رانديگر جنهن تائين بال پهچائڻو هجي.

target practice (ٽارگيٽ پرئڪٽس) **n.** repeated shooting at a target to improve one's aim, نشانه بازي ڪرڻ، نشان چٽڻ، نشان پچائڻ.

tariff (ٽئرف) **n, vt.** a list or set of goods with customs duties to be paid; a customs duty levied on particular goods; a list of standard rates charged for a service, eg electricity or insurance; a menu; to set a tariff on, مال تي محصول جو نرخنامو، محصول جي اگهوٽري، محصولن جي اگهن جي فهرست، آمدني ۽ روانگي محصول جو شرح نامو، نرخ نامو محصول، شرح محصول، شرح بندي فهرست، قيمت، قيمت ٻڌڻ، قيمت جي تفصيل جو ڪتاب، قيمتن جي فهرست.

tariff wall (ٽئرف وال) **n.** a barrier to the flow of imports made by high rates of customs duties, مال تي محصول وڌائڻ ته جيئن ٻاهرين مال جي آمد کي روڪي سگهجي.

tarlatan (ٽار لاٽن) **n.** an open, stiff, transparent muslin (Fr), سخت ململ، بُڪرم، ٿاٽ سنهي ململ.

Tarmac ® or **tarmacadam** (ٽار مئڪ، ٽارمئڪ اڪڊم) **n.** a road surfacing of broken stone covered or mixed with tar; the runways of an airport; to surface with tarmacadam, رستن جي اڏاوت ۾ استعمال ٿيندڙ ڏامر ۽ پٿريلو مادو، جهازن جي لهڻ لاءِ ٺاهيل پڪو رستو.

tarn (ٽارن) **n.** a small mountain lake, جبلن ۾ ٻهاڙي ڍنڍ، ڍنڍ، جبلي ڍنڍ، سَرُوَر.

tarnish (ٽارنش) **vt, vi, n.** to sully; to dim; to dull, discolour, render iridescent, diminish the lustre of, by exposure to the air; to sully or impair; to become dull; to lose lustre; loss of lustre; a surface discoloration or iridescence on metal or mineral; a stain or blemish; a film of oxide, sulphide, رنگ ٿيڻ، جهڪو ٿيڻ، متاثر ٿيڻ، آباٽ، داغ، ڏلا، گدلاڻ، اپالجڻ، جهڪائڻ، ٽڪو ڏيڻ، لينگهو لائڻ، ڏمان ڪيڏي چاڙهڻ، جهڪاءُ، چمڪو چاڙهڻ، بي آب ٿيڻ.

نيڪ نامي يا شهرت تي داغ.

taro (تارو) **n.** a plant of the arum family, widely cultivated for its edible rootstock in the islands of the Pacific, ڪچالو، رتالو، تارو پاچي، جهنگلي پٽاٽا - گجر.

tarot (ٽروٽ) **n.** a card of a type originating in Italy with an allegorical picture; a set consisting of 100 such cards used in card games and esp fortune-telling; a game played with tarots together with cards of the ordinary suits, تاس جو نمونو، سوَ پتن واري تاس، ۽ تاسون مليل تاس جي گڏي، اُن تاس سان ڪرڻ واري راند، ٻن قسمن جون تاسون ملائي راند ڪرڻ.

tarpan (تارپَن) **n.** a small wild horse of the Steppes of S European Russia or Tartary, long extinct but now somewhat restored by selective breeding and introduced into Poland, جهنگلي گهوڙو، روسي اُٺ ڪيڙيل گهوڙو، روس جي هڪ جهنگلي گهوڙي جي جنس، تارپن جهنگلي گهوڙو.

tarpaulin (تار پالن) **n.** canvas covered with tar; strong linen or hempen cloth waterproofed with tar or otherwise; a sheet of it; a sailor's waterproof hat; a sailor; a sea-bred officer, تال پتري، ترپال، تار پتريءَ جو ڪپڙو يا ٽڪر، خلاصيءَ جي ٽوپي، خلاصي، بحري عملدار.

tarpon (تارپون، تارپَن) **n.** a very large American edible fish related to the herring, popular with anglers on the Florida and Gulf coasts, وڏي مڇيءَ جو قسم، ڳيري يا ڪاري جنس مڇي.

tarradiddle or **tardiddle** (ٽرا ڊِڊل) **n.** a fib; a lie; a nonsense, ڪوڙ، اجائي بڪواس، ڍڪو سلو، گپوڙو، ٽٽ.

tarragon (ٽراگن) **n.** an aromatic herb, whose leaves are used for flavouring vinegar, sauces, جنس گومادر (ٻوٽو)، ترخان ٻوٽو، چٽني ۽ سرڪو ناهڻ لاءِ ڪم ايندڙ ٻوٽو.

Tarragona (ٽرا گونا) **n.** a strong dry red Spanish wine used in blending or as a substitute for port, اسپيني ڳاڙهو شراب، تيز ۽ خشڪ شراب.

tarriance (ٽرئنس) **n.** tarrying; delay; waiting; a sojourn, گيسر، ڍر، دير، دير ڪندڙ، پوئتي رهندڙ، سست، السي، دير ڪرائڻ، سيڙائڻ، ٽرائڻ، گيسرائڻ، سيڙپ، اوسيڙو، اوير، سل ول، ڪوتي ڪرڻ، رنداڻ، ٻني ڏينهن ٽڪڻ، مهمان ٿيڻ.

tarrier (ٽرير) **n.** a person who tarries or delays, گيسريو، ڍلو، سست، سيڙائيندڙ، دير ڪرائيندڙ، سل وليو.

tarrow (ٽرو) **vi.** to hesitate; to be unwilling, ڪهوٽا ڪائڻ، دل هڻڻ، هبڪڻ، ويرم ڪرڻ، هنڪڻ، شڪجي بيهڻ، ٻڏڻ ترڻ، بي دليو، آرهو، رلج.

tarry (ٽري) **vi, vt, n.** to stay; to linger; to loiter; to delay; to stay behind; to sojourn; to wait; to await; delay; sojourn; stay. رهڻ، ترسڻ، دير ڪرڻ، پٺتي پوڻ، سهڙڻ، ٽڪڻ، ٽسرائڻ، گسرائڻ، ڍر ڪرڻ، لڏڻ لڻ، چيچلائڻ، (بيماريءَ بر) چينگهڻ، جهول پوڻ ، ڦيريون پائڻ، تال متول ڪرڻ، (ڪنهن جو) سهڪڻ، رهي پوڻ، انتظار ڪرڻ، دير، انتظار، وهڪ.

tarsal (تارسل) **adj.** relating to the tarsus or ankle a bone of the tarsus, مُرو، کر هڏي، ڪف پير، اک ڇپر جارو، اک جي ڇپر جو نازڪ وارو جار، مُري جو هڏو.

tarsia (تارسيا) **n.** a kind of Italian marquetry, representing landscapes, flowers etc; intarsia, ڪاٺيءَ بر ٻين مادن يا ڌاتن سان گل ڪاري ڪرڻ، ڪاٺ تي گل ڪاريءَ رستي ٺاهيل تصوير.

tarsier (تارسير) **n.** a lemuroid monkey of the E Indies, nocturnal, tree-dwelling, with large eyes and long tarsal bones, ٻليءَ صورت پولن جو قسم، ليمر پولڙي جي جنس جا جانور جيڪي رات جو هلندا آهن ۽ وڻن تي رهندا آهن، وڏين اکين وارا پولڙا، شرميليون ٻليون.

tarsioid (تارسيوئڊ) **adj.** like the tarsier; of the tarsier genus Tarsius (Fr), پولن جو قسم، ليمر پولن جي جنس.

Tarsipes (تارسي پيز) **n.** the genus represented by the honey mouse or honey possum, a long-snouted Australian honey-sucking phalanger with feet like a tarsier, ماکي کائيندڙ جانورن واري جنس، پولن جي جنس جا جانور، پولن جهڙا جانور، ماکي خور آڏامندڙ نوريڙو، ماکي خور اپوسم ڪئو.

tarsometatarsus (تارسوميٽا تار سس) **n.** a bird's shankbone, the combined metatarsals and distal tarsals, پکيءَ جو ٽري يا پنيءَ جو هڏو.

tarsus (تارسَس) **n.** the bones forming part of the foot to which the leg is articulated; (in birds) sometimes applied to the tarsometatarsus; (in insects) the five-jointed foot; a plate of connective tissue at the edge of the eyelids, مُرو، مريو، ڪف پير، مري جي هڏي، جانور ۽ پکيءَ جو مري وارو جوڙ، جيان جو پيروارو جوڙ.

tart[1] (ٽارٽ) **adj.** sharp to the taste; sour, acid; severe; snappish; biting; acidulous. تکو، کٽو، اکرو، چوکو، سخت گهائيندڙ، سخت زخمائيندڙ، ترش، تيز، تلخ.

tart[2] (ٽارٽ) **n.** a dish of pastry distinguished from a pie either by being uncovered or by having a sweet, not savoury, filling; a girl; a prostitute, پيستري، مٺو ڪيڪ جو ٽڪر، ميوي جو پڪوڙو، سنبوسو، ڇنال زال، رلدي، طوائف، پيشو ور عورت.

Tartan ® (ٽارٽن) **n.** a material used to lay tracks for

athletic events, usable in all weathers, هر موسم لاءِ موزون رانڊ جو ميدان. هترادو گاهہ وارو ميدان.

tartan[1] (تارٽن) **n, adj.** a cloth woven in colours in checkered pattern, as worn by Highland clans of Scotland, each the distinctive mark of an individual clan; a woollen or other checked material; any of a large variety of checked patterns, of tartan; checked in tartan; Scottish, esp referring to self-consciously Scottish artefacts or attitudes, اوني ڪپڙي جو قسم. پٽاپٽي يا چوڪڙين وارو اوني ڪپڙو. اسڪاٽلئنڊ جي ماڻهن جي پوشاڪ وارو چوڪڙين وارو ڪپڙو. ان علائقي وارن جون لشاڻيون وغيره

tartan[2] (تارٽن) **n.** a Mediterranean vessel with lateen sail, سامونڊي جهاز جو قسم. هڪ ڪوهي يا مستول وارو جهاز. هڪ سڙهو ٻيڙو. هڪ مستولي ٻيڙي يا غوراب.

tartana (تارٽنا) **n.** a little covered wagon (Sp), ڍڪيل گاڏي. ڪپڙي جي ڇت وارو ڇڪڙو يا بيل گاڏي.

Tartar (تارٽر. تارتار) **n.** a Tartar; a native of Tartary; the Turkic language spoken by the Tatars; a formidable, rough, unmanageable or ferocious person; a person who unexpectedly turns the tables on his or her assailant, تاتاري. تاتارين جي ترڪي ٻولي. ترڪ. وحشي ماڻهو. جنگجو. تاتاري. گهرو. هٿيت جهڙو. ڪرو. جبرو. ڏاڍو. جوڳو. ان گهڙيو. سخت. ڏکيو. ڪڏنگو. وحشي. شوخ. درندو. ڪنهن استاد سان پلؤ اڙجڻ. مخالف تي اوچتو حملو ڪندڙ.

tartar (تارٽر) **n.** recrystallized and partially purified argol, chiefly acid potassium tartrate (with calcium tartrate); a deposit of calcium phosphate and other matter on the teeth, ڏندن جو ساڳ. ڏندن جي مر. ڏندن جي اگاري. تارٽر تيزاب. انگوري شراب ڦُر.

tartare (تار ٽيئر) **n.** a mayonnaise dressing with chopped pickles, olives, capers, added usu served with fish (Fr), ڊبل روٽيءَ کي لڳائي ڪائڻ واري سوادي چٽڻي.

tartareous (تارٽرس) **adj.** of or like tartar; with rough crumbly surface, ڏندن جي مَرَ جهڙو. اگاريءَ جهڙو. تيزابي.

tartaric (تار ٽرڪ) **adj.** of or derived from tartaric acid, تيزاب مان حاصل ڪيل مادو.

tartaric acid (تارٽرڪ اسڊ) **n.** a chemical $C_4H_6O_6$, prepared from argol or found naturally in plants and fruit, اگرو تيزاب. انگوري تيزاب. انگوري سرڪو.

tartar emetic (تارٽر ايميٽڪ) **n.** a compound of potassium, antimony, carbon, hydrogen and oxygen, used in dyeing and in medicine, رنگ ۽ دوائن ۾ ڪم ايندڙ مرڪب ڪيميائي مادو.

tartarize (-s-) (تار ٽرائيز) **vt.** to treat, mix or combine with tartar, تيزابي بنائڻ. تيزاب ملائڻ.

Tartarus (تارٽرس) **n.** in Homer, a deep and sunless abyss, as far below Hades as earth is below heaven; a place for the punishment of evil-doers in Hades: hell, دوزخ. اونهي کڏ. پاتال ; اونهو خليج. نرڪ. گنهگارن لاءِ سزا ڏيڻ واري جاءِ.

tartine (تار ٽائين) **n.** a slice of bread with butter or jam, روٽي جنهن تي مکڻ يا مناڻ لڳل هجي.

tartrate (تار ٽريٽ) **n.** a salt of tartaric acid, تيزابي لوڻ. ترشو.

tartrazine (تارٽريزائين) **n.** a yellow dye used in textiles, food and drugs, پيلو رنگ. کاڌي وارو پيلو رنگ. ڪپڙن. کاڌي ۽ دوائن ۾ استعمال ٿيڻ وارو پيلو رنگ. زردو.

Tartuffe or **Tartufe** (تارٽف. تارٽوف) **n.** a hypocritical person who pretends to be deeply religious, ڪوڙو پرهيزگار. ٺڳ. مڪار ملو. منافق. آميزي.

tarty (تارٽي) **adj.** like a tart; vulgar, cheaply and blatantly provocative (esp of a woman or woman's clothing), تکو. تيز. تيزابي. ترشو. گندو. اگهاڙو. فحش. گناهہ لاءِ دعوت ڏيندڙ (عورت يا سندس پوشاڪ). جذبات ڀڙڪائيندڙ ويس يا عورت.

tarwhine (تار وائن) **n.** an Australian sea-bream, اسٽريليا جي مڇيءَ جو قسم. ڦوڪيو ڏنديو قسم جي مڇي.

Tarzan (تارزن) **n.** a legendry character; a man of great strength and agility, تمام گهڻي سگهہ ۽ طاقت وارو ماڻهو. تارزن. هڪ خيالي يا ديومالائي طاقتور جهنگلي انسان جنهن کي جهنگلي جانورن پاليو هو. جهنگلي جانورن جو دوست يا مددگار.

taseometer (ٽسيوميٽر) **n.** an instrument for measuring strains in a structure, دٻاءُ معلوم ڪرڻ جو اوزار. بگاڙ پيما.

Taser ® (ٽيزر) **n.** a small gunlike device which fires electrified darts or barbs, used to immobilize or stun eg an attacker; to immobilize or stun with a Taser, هڪ قسم جو بندوق جهڙو هٿيار جنهن سان هڪ خاص قسم جي گولي هلائي (جانور وغيره کي) سُن يا بيهوش ڪجي.

tash (ٽاش) **vt.** to soil; to blemish; to disfigure; to disarry (Fr), ميرو ڪرڻ. لوڻڻ. ڦِٽائڻ. عيب ڪرڻ. داغ لڳائڻ. پِٽائڻ. چٽا ڪرڻ. بدزيبو بنائڻ. هيٺ مٽي ڪرڻ. عيب لڳائڻ. ڪلنڪ لڳائڻ. داغ ڪرڻ. خراب ڪرڻ. شڪل بگاڙڻ. بي ترتيب ڪرڻ.

Tashi Lama (ٽشي لاما) **n.** another name for Panchen Lama (Tashi, the name of the monastery of which this lama is the head), ٻڌن جو مذهبي رهنما. تاشي لاما.

tasimeter (ٽَسِي ميٽر) **n.** an instrument for measuring changes in pressure, by variations in electrical conductivity, برقي زور يا قوت پيما، برقي دٻاءُ پيما.

task (ٽاسڪ) **n, vt.** a piece or amount of work imposed, set or undertaken (sometimes burdensome, difficult or unpleasant one); a single piece of work to be processed; to burden with heavy or difficult work; to put (a person's skills or capacity) fully or severely to the test; to assign a task or military mission to; to allocate as a task; to tax, ذمي جو ڪم، رکيل ڪم،حوالي ڪيل ڪم، مقرر ڪري ڏنل ذميواري، ڪوبه ھڪڙو ھٿ ۾ کنيل ڪم، ڏکيو ڪم ڏيڻ، محنت، سبق، ھاڃ، وظيفو، محنت جو ڪم، پورھيو، ميار ڏيڻ، ڪم وٺڻ، ڪم ورڇي ڏيڻ، ذمي رکڻ، ڪنھن کي مڪمل طور ڪم سان لائڻ، فوجي ذميواري ڏيڻ، ورھائي ڏيڻ، ذميداري ڏيڻ.

task-force or **task-group** (ٽاسڪ فورس ،گروپ) **n.** a group formed by selection from different branches of the armed services to carry out a specific task; a similar group within the police force; a working party for a civilian purpose, فوجي عملدارن جو جٿو جن جي حوالي ڪا ذميواري ڪئي وڃي، پوليس جو جٿو جن جي حوالي ڪو خاص ڪم ڪيو ويو ھجي، خاص طور چونڊيل ماڻھن جو جٿو جن کي ڪا خاص ذميواري ڏني وڃي، ڪنھن خاص مقصد لاءِ چونڊيل ماڻھن جو ٽولو.

task-master (ٽاسڪ ماسٽر) **n.** one who allots or imposes tasks, esp involving hard, regular or continuous work, ڪم مڙھيندڙ، ڪم ورھائي ڏيندڙ، ڪم حوالي ڪندڙ.

task-work (ٽاسڪ ورڪ) **n.** work imposed or done as a task, or by the job, ڏنل ڪم جو پورو ڪيو ويو ھجي.

Tasmanian (ٽس مانين) **adj. n.** of Tasmania, island state of Australia discovered in 1642 by Abel Janszoon Tasman; a native or citizen of Tasmania, تسمانيا (آسٽريليا جو ھڪ صوبو يا رياست)، اتان جو رھواسي يا باشندو تسمانيه جو شھري.

Tasmanian devil (ٽس مانين ڊيوِل) **n.** a small ferocious marsupial of the Tasmanian dasyure family, بگھڙ جنس جو جانور، ننڍي قد وارو آسٽريلوي بگھڙ، تسمانين خونخوار جانور، مارسوپيل بگھڙ، ٿيلھيدار بگھڙ جي جنس.

Tasmanian-myrtle (ٽس مانين مرٽل) **n.** a Tasmanian and Victorian evergreen beech, تسمانيه جو سدا سائو رھندڙ وڻ، شاھ بلوط جو وڻ.

Tasmanian wolf (or tiger) (ٽسمانين وولف) **n.** the thylacine, a striped wolflike dasyure of Tasmania, now virtually extinct, تسمانيه جو بگھڙ جي جنس جو جانور (جيڪو ھاڻي اڻ لڀ آھي)، پٽاپٽي بگھڙ، مرسوپيل يا ٿيلھيدار بگھڙ، تسمانيا جو واگھ يا شينھن جيڪو ھاڻي اڻ لڀ آھي.

tass[1] (ٽاس) **n.** a mow, a heap, ڍڳ، ڍير، ڍڪ، ڪنوڙي، ڍڳي، ٿھو، ڪند، راھ، البوھ، ڪوڙ.

tass[2] (ٽاس) **n.** a drinking-cup; a small drink; a small cup, پيئڻ لاءِ ننڍو ڪپو، شراب پيئڻ جو پيالو، معمولي ڍڪ، پيگ.

tasse or **tace** (ٽَس) **n.** (in plate armour) one of a series of overlapping pieces forming a kind of skirt, زرھ جو حصو، لوھي چادر مان لاھيل زرھ جو حصو، جيڪو پيٽ حصن تي چڙھي بيھي.

tassel (ٽسل) **n, vi, vt.** an ornamental hanging tuft of threads; an inflorescence of similar appearance, esp of maize; a ribbon book-mark; a clasp or fastening; a gold or silver plate or a vestment; to provide with tassels; to remove the tassels from; (eg of maize) to form tassels, flower, جھالر، طرو، ڦندڙو، جھاٻو، ڦندڻ، جھوڙو، جوڙو، سنڌ لاءِ ڪھي (مڪائي جي) ڪلنگي، ترڪل، ترڪي ڪڪڙ جي ڳچيءَ وارن کنين جو ٽولو، ٻڪريءَ جي ڳچيءَ واري ٻاپڙي، مسڪني جو گل جھلڻ، چوٽيءَ تي گل جھلڻ، چوٽيءَ تي گل ڪڍڻ، ٽولو لاھڻ، ڦندڻ ڪڍڻ.

taste (ٽيسٽ) **vt, vi, n.** to test or perceive by the tongue and palate; to perceive the flavour of; to experience; to partake of; to make trial by the tonue and palate; to have a flavour; to have experience; act of tasting; ctual relish or discernment; manner or style, چکي ڏسڻ، چکڻ، ولڏنا ڪرڻ، (جي بابت)، لڳڻ، مان) لذت، مزو، سڀڪن ڪرڻ، چکاچوکي ڪرڻ، چشڪو وٺڻ، مزو وٺڻ، سواد لھڻ، لذت حاصل ڪرڻ، مزو ڏيڻ، چسائڻ، ٻنائڻ، ڪنائڻ، ذائقو، سواد، مزو، لذت، ساھ، لاءِ، لدف، حظ، رس، رسنا، چٽ، چکي، چشڪو، چش، چشي، چھر، ولڏنا، شوق، چالي، رسن الدري، رُچي، شھوت، اسلوب، سليقو، شعور، طرز، طرح، نمونو، شوق، سنجت.

taster (ٽيسٽر) **n.** one skilful in distinguishing flavours by the taste; someone employed to test the innocuousness of food by tasting it before serving it to his or her master or mistress; any implement or device used to obtain samples for tasting; a publisher's reader; an extract or sample, چکندڙ، چکي ڏسندڙ، چاکو، وَٽ ولندڙ، چکڻ لاءِ خاص طور تي رکيل ملازم، تپاس يا تجربي لاءِ ذرو ڪڍڻ وارو اوزار، ڇاپي واري جي مشين جنھن تي غلطيون دور ڪيون وڃن، تپاس لاءِ حاصل ڪيل مواد.

tasteful (ٽيسٽفل) **adj.** having a high taste or relish; having good taste, لذيذ، سوادي، لذتي، مزيدار، چشائتو.

ذائقيدار، لذت دار، سجل، سجلاڪو، ڪامڻ گور، شهوتاڪو، شهوتو، خوش اسلوب.

tasteless (ٽيسٽ ليس)**adj.** having no taste; insipid; stale; flat; void of good taste. بي مزي، ڦڪو، بي لطف، بي سوادو، بي لذت، لسو، اڻ سجلاڪو، الوڻو، (جنهن ۾) سواد، لاءِ يا ساهه نه هجي، بي شعور.

tastevin (ٽيسٽوين) **n.** a small shallow cup used for tasting wine (Fr), (شراب چکڻ لاءِ) ننڍڙي پيالي.

tasty (ٽيسٽي) **adj.** having or showing good taste; tasteful; palatable; nice; fine. سوادي، لذيذ، چسڪيدار، سٺو، وڻندڙ، خوش سليقه، سٺي (پوشاڪ)، سٺو رويو.

tat[1] or **tatt** (ٽٽ) **vt, vi.** to make by tatting; to make tatting, ڇيهون ڇيهون ڪرڻ، لڪڙ ڳنڍي ڳاهڻ، ڇتين مان جوڙڻ، رلي ۽ وانگر ڳاهڻ.

tat[2] (ٽٽ) **n.** E Indian hempen matting (Hindi), تات يا ٽلهو ڪپڙو، ڪتان.

tat[3] or **tatt** (ٽٽ) **n, vt.** pretentious odds and ends of little real value, eg in an antique shop; tawdry or shabby articles esp clothes; a rag, esp an old one; to touch up, پراڻي وقت جون شيون، معمولي شيون، بي قيمت ۽ بي وقت شيون جيئن پراڻا ڪپڙا، پراڻا غاليچا وغيره، پراڻيون شيون، پراڻيون شيون گڏ ڪرڻ، ساڌي رکڻ، وڪڻڻ لاءِ گڏ ڪرڻ.

tat[4] (ٽٽ) **vt.** to touch, tap; to flog, ڇابڪ هڻڻ، ڦٽڪا هڻڻ، ڇهڻ، ٽپ ٽپ ڪرڻ، ڪلهي تي هٿ هڻڻ، ٿڦڪي ڏيڻ، ٺڪ ٺڪ ڪرڻ.

tat[5] (ٽاٽ) **n, vt.** cattle dung; coarse tufted grass that grows where it has fallen; to manure; to drop dung, ڇيڻو، ڇير جهڙو پاڻ مرادو ٿيل گاهه، پاڻ، مال جو گوبر يا ڇيڻو، پاڻ ڏيڻ، پاڻ وجهڻ.

ta-ta (ٽا ٽا) **interj.** good-bye, موڪلاڻي، الله واهي.

tatami (ٽتامي) **n.** a type of mat, of a standard size, made from rice stalks, used as a floor-covering in Japanese houses (Jap), جپاني ٽوئري، ٽڏو، چيري.

Tatar (تاتار) **n.** a member of any of certain Tuingusic tribes in Chinese Tartary; extended to any of the Mongol, Turkish and other warriors who swept over Asia and Europe; one of the mixed inhabitants of Tartary, Siberia and the Russian steppes; any of the languages spoken by the Tatars, belonging to the Turkic group of languages, تاتاري قبيلو، ويڙهاڪ قبيلو، تاتارين جي ٻولي، وحشي ماڻهو، انهن جي ٻولي، ترڪي ٻولي جيڪا تاتاري ڳالهائين.

Tatary or **tartary** (ٽاٽري، تاتاري، تارتاري) **n.** a name given from the 14c by W European peoples to a vast, ill-defined area of E Europe and Asia, inhabited by Tatars, تاتاري قوم، مشرقي يورپ جي هڪ بهادر ۽ خونخوار قوم.

tate or **tait** (ٽيٽ) **n.** a small portion, pinch, tuft, ذرو، چپٽي، چوٽي، مچو، طرو، ڪلنگي، ڪلغي.

tatin (ٽٽن) **adj.** denoting a kind of tart made with fruit (esp apples and pears) which has been caramelized, and baked with the pastry on top of the fruit instead of beneath it, چٽني، سرڪي جو قسم، هڪ ملو ڪاڏو، پيسٽري ۽ جو قسم جنهن جي مٿان چٽني پيل هجي.

tatou (ٽٽو) **n.** an armadillo, esp the giant armadillo, ڏکڻ آمريڪا جو هڪ وڏو چليرائو، چلي مرون، ڪول خور جانور.

tatouay (ٽٽوئي) **n.** a large armadillo of tropical S America (sp), ڏکڻ آمريڪا جي خط استوائي جهنگلن جو چليرائو، چلي مرون، ڪول خور جانور، هن جي جسم تي ١٢ يا ١٣ چلي وارون پليٽون يا چلر صورت لڪر هوندا آهن.

tatpurusha (ٽٽ پوروشا) **n.** a class of compound words in which the first element modifies the second by standing to it in various types of relationship, eg possession, as in goatskin, location, as in field mouse, as the object of an action, as in guitar-player, and as agent, as in man-made; a compound of this class, مرڪب جملو جنهن ۾ پهريون جزو ٻئي جزي کي بدلائي ٿو ۽ ان مطابق واسطو يا لاڳاپو ظاهر ڪري ٿو، ناهيل، جوڙيل (ماڻهوءَ جو) ناهيل، (ٻڪري جي) جاءِ، (فلاڻو) ڪم يا عمل.

tatter (ٽٽر) **n, vt, vi.** a rag or torn shred; a loose hanging rag; to tear to tatters; to fall into tatters, ڇيهون، ٽڪر، اڳڙيون ڦاڙي ڇيري ڇڏڻ، ٻتي، ڇيڙهه، ڇيڙهون ڪرڻ، ڳري ڦاٽي وڃڻ، ڇيڙهون ٿيڻ.

tatterdemalion or **tatterdemallion** (ٽٽر ڊيميلين) **n, adj.** a tattered person, a ragmjuffin; ragged fellow; tattered, scarecrow like, ڦاٽل ڪپڙا پهريل ماڻهو، فقير، مسڪين، غريب، رولو، خانہ بدوش، ڇنو ڇورو، رولو ڇولو، لاوارث، بي گهر، ڇنل ڇاتل، اڙ يارو، ٽڳڙيو، ڪرڙاٽون، ليڙون ليڙون، ڏهيون ڏهيون، ڇيهون ڇيهون، ڇنل ڦاٽل، ڪاٺين واري ماڻهوءَ يا صورت جهڙو، ڪانگ اڏائو.

Tattersall (ٽٽر سال) **n.** (a fabric with) a pattern of checks like that of the horse-blankets, orig used at Tattersall's horse-market, گهوڙي جي سنجن جهڙو چوڪڙين وارو ڪپڙو.

Tattersall's (ٽٽر سالز) **n.** a famous London horse market and haunt of racing-men; a sweepstake or lottery agency with headquarters at Melbourne,

Australia, لنڊن جي گهوڙن ڇڪائڻ واري پڙي، آسٽريليا جي ڳالهه ۾.

tattie (ٽٽي) **n.** potato, پٽاٽو، آلو، پٽالو، پٽالو.

tattie-bogle (ٽٽي بوگل) **n.** a scarecrow, ڪانُون ۽ پين پکين کي ڀڄائڻ لاءِ ڳڏو، ڪانن وارو ماڻهو، ڪانگ وڙيو، ڪانگ اڏائو.

tattie-claw (ٽٽي ڪِلا) **n.** potato soup, آلو، پٽاٽي جو شوربو يا رسُ.

tattie-lifting or **-hawking** (ٽٽي لفٽنگ- هاڪنگ) **n.** the potato harvest, آلو يا پٽاٽن جو لابارو.

tattie-show (ٽٽي شو) **n.** the part of a potato plant above the ground, پٽاٽي جي ٻوٽي جو زمين کان مٿيون يا ٻاهريون حصو، پٽاٽي جي وَل.

tatting (ٽٽنگ) **n.** knotted lace edging made by hand with a shuttle from sewing-thread; the act or process of making this, هٿ سان ٺاهيل جهالر، جهالر ٺاهڻ جو عمل يا طريقو.

tattle (ٽٽل) **n, vi, vt.** idle talk, chatter; gossip; to talk idly; tell tales or secrets; to tell, giveaway, in tattle, بڪ بڪ، بڪڻ، ٽين ٽين ڪرڻ، دبڻ، يٽ شٽ هڻڻ، ٽاڙڻ، بڪ شڪ، بڪواس، جهڳڻ، جڪڻ، چرژات ڪرڻ، يخي هڻڻ، ٺاشا ماشا ڪرڻ، راز ڏيڻ، ڳجهه جون ڳالهيون ڪرڻ، ڪچهري ڪرڻ، مشغول هئڻ.

tattler (ٽٽلر) **n.** an indiscreet talker; a chatterer, a gossip; any bird of the Totaninae family, so-called because of their loud cry, بڪ بڪيو، زٽلي، رپٽ، جهڪ، يخي هڻندڙ، يٽ شٽ هڻندڙ، گپ شپ ڪندڙ، ٻوليندڙ پکين جي جنس، زوروسان رڙيون ڪندڙ پکي.

tattling (ٽٽ لنگ) **n, adj.** chattering; tale-telling, بڪ بڪ ڪرڻ، جهڪ هڻڻ، زٽ هڻڻ.

tattoo[1] (ٽَٽو) **n.** a beat of drum or other signal calling soldiers to quarters at night; a drumming; a military entertainment, with marching, displays of prowess, held at night, طبل، فوجي طبل وڄائڻ، وات جي بگل، نوبت، نوبت وڄائڻ، رات وقت ۾ ڪيل کيل تماشو.

tattoo[2], **tatu** or **tattow** (ٽتو) **n. vt.** a design marked on the skin by pricking in colouring matter; to mark (the skin) in this way; to produce (a design) in this way, (بدن يا چمڙيءَ تي) نقش نگاري، ليڻ، ٽپو هڻڻ، نشان لڳائڻ، ترو، ڪڙي، سٽڙي هڻڻ، ڏينيونڙي سٽڙي، ڪاڏڙي، سوراخ ڪرڻ، تنگ ڪرڻ، آهستي آهستي ڪوٽڻ، جانورن تي نشان لڳائڻ.

tattoo[3] (ٽتو) **n.** a native-breed Indian pony (Hindi), ٽتو، پوني، خچر، گهوڙي ۽ خچر جو، ڳاڏڙ ننڍي قد وارو گهوڙو.

tatty[1] (ٽتي) **adj.** cheap, of poor quality; untidy; shabby; (of clothes or ornament) fussy; precious, and often bogus, سستو، گهٽيا قسم جو، ميرو، گدلو، نقلي، هٽرادو، (ڪپڙو يا پوشاڪ) اجائي ٺٽ واري، ٻاهرئين ڏيک واري، اجائي ٻي ڍنگي.

tatty[2] (ٽتي) **n.** an Indian mat of bamboo, cuscus-grass roots, esp one kept wet in a doorway or window to cool the air, تڏو، تڏي، توتري، ڪانڊيرن جو سچو، بانس يا کس جي ٺهيل تڏي، خوشبو ۽ ٿڌي هوا لاءِ درين ۾ لڳائڻ واري گاهه جي بيهڪ.

tau (ٽائو) **n.** the nineteenth letter (T, t) of the Greek alphabet, corresponding to Tp a tau cross, يوناني آلفابيٽا جو اوڻويهون اکر، ٽي اکر جي اچار وارو يوناني اکر.

tau particle (ٽائو پارٽيڪل) a lepton of mass 3600 times greater than that of an electron, اليڪٽران کان تمام گهڻي قوت وارو اڻو.

taube (ٽائوب) **n.** a German monoplane with recurved wings (Ger, dove), جرمنيءَ جو ننڍو جهاز، پکي نما جهاز.

taunt[1] (ٽائنٽ) **vt, vi, n.** to goad or provoke in a wounding way; to censure or reproach sarcastically or contemptuously; to jibe; a wounding jibe; an object of the taunts, لوڪڻ، طعنو هڻڻ، مهڻو ڏيڻ، مهڻو، طعنو، لوڪڻ، ٺٺول ڪرڻ، ٽقل، چاڻڪ، الاپو، مهڻي هاب، ٺٺڪو، مهڻي طور، مهڻاٽيو.

taunt[2] (ٽائنٽ) **adj.** (esp of the masts of ships) very tall, ڊگهو (ڪوهو)، وڏو سڙهه، يا مستول.

taupe (ٽاپ) **adj.** of a brownish-grey colour (Fr), خاڪي رنگ وارو.

taurean[1] (ٽارئن) **adj.** (relating to) a person born under Taurus, ورش، ورک، شسور، طورس يا ڍڳي واري برج هيٺ ڄاول ٻار.

taurean[2] or **tauric** (ٽارِڪ) **adj.** of or relating to a bull, ڍڳي جي برج وارو، ڍڳي وارو.

tauriform (ٽاري فارم) **adj.** having the form of a bull, ڏاند جي شڪل، بيل نما.

taurine[1] (ٽارائن) **adj.** of a bull; relating to or like a bull; bull-like. ڏاند وانگر، ڏاند جهڙو، بيل نما.

taurine[2] (ٽارين) a neutral crystalline compound occurring, esp in invertebrates, بنا ڪرنگهي جانورن مان ملندڙ ابرقي مادو، جانورن اندر موجود بلوري مادو.

tauro- (ٽارو) combining form : denoting a bull, ڍڳو، بيل.

taurobolium (ٽارو بوليم) **n.** the sacrifice of a bull, eg as in the ancient Phrygian cult of Cybele; an artistic representation of this, ڏاند جي قرباني، ڍڳي جي قرباني.

ڍڳي جي قرباني، جي تصوير.

tauromachy (تارو مئڪي) **n.** bullfighting; a bull fight, ڏاند يا ڍڳي جي ويڙهه. ڍڳن جي ڪوه. ماڻهوءَ ۽ ڍڳي جي ويڙهه.

Taurus (تارس) **n.** the Bull, a sign of the zodaic and a constellation formerly coinciding with it; a person born between 21 April and 21 May, the sign of Taurus, برج ثور. ٻہ سرو بُرج. بُرج بيل. بُرج ڏاند ورش. ورک.

taut[1] (تاٽ) **adj.** tightly drawn; tense; in good condition, ڪشيل. ڪرو (رسو). ڇڪيل سٺي حالت ۾ بهتر. مناسب.

taut[2] or **tawt** (تاٽ) **vt, vi.** to mat, tangle, منجهائڻ. منجهڻ. وٽڻ. واٽڻ. تلي واٽڻ. مڙهڻ.

taut- or **tauto-** (تاٽ. تاٽو) combining form : denoting the same, ساڳيو. ساڳولو. اهڙوئي. اهوئي.

tautochrone (تاٽوڪرون) **n.** a curve such that a particle travelling along it under gravity reaches a fixed point in the same time, no matter where it starts, هر وقت لڪير.

tautology (تاٽولاجي) **n.** use of words, esp as an error of style, that repeat something already implied in the same statement, as in all at once she suddenly remembered, ساڳي اچار وارا لفظ گهڻا گهمرا ڪم آڻڻ. تڪرار لفظ. پٽر. اڪت. تقرير سُخن. ڳالهائيندي ساڳي ڳالهہ ورجائڻ. جيئن ڪا لڳن ڳالهہ ياد آئي هُجي.

tautometric or **tautometrical** (تاٽو ميٽريڪ يا ميٽريڪل) **adj.** exactly corresponding in arrangement of syllables, لفظن جي ساڳي بيهڪ. هڪجهڙي بيهڪ.

tautonym (تاٽونيم) **n.** in a biological nomenclature, a taxonomic name in which the specific name repeats the generic, جنسي نالو. جنس وارو نالو. سائنسي نالي پٺيان رکيل جنس جو عام نالو.

tautog (تاٽوگ) **n.** a labroid fish of the N American Atlantic coast, اتر آمريڪا جي تڏي پاڻيءَ واري مڇي.

taver[1] or **taiver** (ٽئور) **n.** a shred, tatter, پٽي. ڇيڙو. اڳڙي. ليڙون. لينگهون. ذرو. لڪرو ٽڪرو. ڇيهون.

taver[2] or **taiver** (ٽئور) **vi.** to wander about aimlessly; to rave, گهمڻ. رلڻ. بي مقصد هلڻ. چرين وانگر ڪلڻ. ڳالهائڻ. وهسڻ. وڪلڻ.

tavern (ٽئورن) **n.** a public house or inn, ڪٽو. ڪلال خانو. شراب خانو. ڳچ. مئخانو. ننڍي هوٽل يا مسافرخانو.

taverna (ٽيورنا) **n.** in Greece, a type of guest house with a bar, popular as holiday accommodation, يوناني ڪلال خانو. شراب خانو. مئخانو. ننڍي هوٽل. مسافر خانو.

taverner (ٽئورنر) **n.** a publican, ڪٽي وارو. ڪلال. مئخاني جو مالڪ. اجاريدار. ڪٽي وال.

taw[1] (تا) **n.** a large or choice marble; a game of marbles; the line shot from at marbles, چڌن چٽڻ واري راند. بلور راند. وڏو چڌو. چڌي راند ڪرڻ. چڌي کي ڌڪ هڻڻ لاءِ نشان يا ليڪ.

taw[2] (تا) **vt, n.** to prepare (skins) for white leather by soaking, salting, stretching and paring; to flog; tawed leather; a thong of whip, کلن کي چمڙو ناهڻ لاءِ تيار ڪرڻ. اڇو چمڙو ناهڻ. چمڙو ڪمائڻ. چمڙي جي پٽي ڏوري يا وڌي.

tawa[1] (تاوا) **n.** an evergreen tree of the Lauraceae family, with slender branches and graceful foliage, bearing a damsonlike fruit, native to NZ (Maori), نيوزيلينڊ جو سدا سائو رهندڙ ميويدار وڻ. آلو بخاري جهڙو ميويدار وڻ.

tawa[2] (تاوا) **n.** a griddle used in Indian cookery (Hindi, Punjabi), تَئو. ٿوبي. دانگي.

tawdry (تاڊري) **adj, n.** tastely ornamental; cheap and showy without taste or worth; gaudily adorned; trumpery; a tawdry-lace, ڀڙڪيلو. اڻنگو ويس پاتل. چمڪيلي پٽي.ملمعي وارو. ڏيکاڻو. ڏيکر. چلَ پَٽَ. ڪَلَبُوتو.

tawdry-lace (تاڊري ليس) **n.** a woman's silk necktie (or a waist-belt) such as was sold at St Audery's Fair; gaudy adornment, ڪنهن عورت جو ريشمي گلي بند. هار يا چيلهہ جو جهالر وارو پٽو. ڀڙڪيلي پوشاڪ.

tawer (تاور) **n.** a maker of white leather, اڇي چمڙي جو ڪاريگر. اڇو چمڙو تيار ڪندڙ.

tawery (تاوري) **n.** a place where skins are tawed or dressed, چمڙو تيار ڪرڻ واري جڳهہ.

tawie (تاوي) **adj.** tractable, تربيت پذير. تربيت لائق.

tawny (تاني) **adj, n.** brownish yellow or orange; a port of a rich brownish-orange colour, ڪڪ رنگو. ڪَڪو. ڪَڪورجن. ڪڪڙو. ڀورو. سانورو. گندمي. ناسي ڀوري رنگ وارو تيزاب جو قسم.

tawny eagle (تاني ايگل) **n.** a tawny-coloured eagle of Africa and Asia, ڪڪي يا ڀوري رنگ وارو عقاب. ڀورو عقاب.

tawny owl (تاني آئول) **n.** a tawny-coloured European owl, ڪڪي رنگ وارو يورپي چبرو. ڀورو چبرو.

tawpie or **taupie** (تاپي) **n.** a clumsy, heedless or inefficient girl, اناڙي. سوگهي ڇوڪري. نالائق. ناقابل ڪار. اناڙي. جلدي. بي افعالي. بي پرواهہ. لاغرض.

taws or **tawse** (تاز) **n.** a leather strap, usu cut into strips at the end, for corporal punishment, چمڙي جو پٽو. ڪوڙو. چمڙي جو لڪڻ.

tax (ٽئڪس) **vt, n.** to levy a tax on people, business, incomes or goods; to register or enrol for fiscal

purpose; to make heavy demands on; to accuse, charge; to asses (costs); to examine accounts in order to allow or disallow items; a contribution to revenue exacted by the state from individuals or business; a burden, drain or strain; a charge, accusation, ٽيڪس، ڍل، محصول، بار، بوجهه، لوڙ، محصول وجهڻ، ٽيڪس مڙهڻ، ڍل ڀرڻ، ڏنڊ، رَڪَبَ، سَنگَ، چنگي، رَاهَر، بي راڪو، بوجهو، سونگهي، مغز کپائڻ، محنت ڪائڻ، گهرڻ، پاڙو، محصول لاءِ اندراج ڪرڻ، محصول مڙهڻ، محصول قائم ڪرڻ، وڏو مطالبو ڪرڻ، الزام رکڻ، ڏوهه مڙهڻ، تهمت آڻڻ، قيمت ڀرڻ، ملهه ڪٿڻ، ڪيل خرچ جا تفصيل چڪاسڻ، حساب ڪتاب ڪرڻ، پورو پاڙو، ذميواري ڪٿڻ، ڦري فقير ڪرڻ، الزام، تهمت.

taxable (ٽيڪس آبل) **adj.** that may be taxed; liable by law to the assessment of taxes, محصول جوڳو، قابل محصول، محصول پذير، ڍل جوڳو.

taxaceous (ٽيڪسيشس) **adj.** of, relating to or belonging to the Taxaceae, وڻن جو، ٻوٽن متعلق.

tax allowance (ٽيڪس الائونس) **n.** a sum which is deducted from total income to arrive at taxable income, ناقابل محصول آمدني، آمدني جنهن تي محصول نہ لڳي.

taxation (ٽيڪسي شن) **n.** the imposition or payment of tax, ڍل بندي، محصول بندي، ڍل ڀرڻ، اخراج بندي، محصول لاڳو ڪرڻ، وصول ڪرڻ.

tax avoidance (ٽيڪس اوائڊنس) **n.** legal evasion of payment of tax, قانوني طور محصول کان بچڻ لاءِ ڪيل ڪوشش يا ورتل اپاءَ.

tax break (ٽيڪس بريڪ) **n.** an opportunity legally available for reducing one's tax obligations, محصولاتي ذميوارين کان آجو ڪرڻ، محصول ۾ ڇوٽ حاصل ڪرڻ يا گهٽ ڪرائڻ.

tax cart or taxed cart (ٽيڪس ڪارٽ) **n.** a light spring-cart (orig paying a lower tax, later none), ننڍي گاڏي، گاڏو، جنهن تي شروعات ۾ گهٽ ۽ بعد ۾ محصول ختم ڪيو ويو هجي.

tax-deductible (ٽيڪس ڊڊڪٽبل) **adj.** (of expenses) that may be deducted from one's income before it is assessed for tax, محصول کان ڇوٽ حاصل ڪرڻ وارا خرچ.

tax disc (ٽيڪس ڊسڪ) **n.** a paper disc displayed on a motor vehicle's windscreen to show that the road tax has been paid for a given period, محصول جي چٺڪي، ٻني جو محصول وصوليابيءَ جو ٽوڪن، گاڏين تي لڳائڻ واري ڪاغذ جي ٽڪري جيڪا ڏنل محصول جي تصديق ڪري.

tax evasion (ٽيڪس اويزن) **n.** illegal evasion of payment of tax, غير قانوني طور محصول کان بچڻ.

tax-exempt (ٽيڪس ايگزمپٽ) **adj.** not liable to taxation, محصول يا ڍل جي ڇوٽ، ناقابل محصول .

tax-exile (ٽيڪس ايڪسائيل) **n.** one living abroad so as not to pay high taxes, ڍل يا محصول کان آجو، ٻاهرئين ملڪ ۾ رهندڙ ماڻهو، جيئن هو وڏي محصول کان بچي.

tax-farmer (ٽيڪس فارمر) **n.** a tax-gatherer who pays a fixed sum for the right to collect taxes, retaining the revenue as income, محصول يا چنگي اوڳاڙيندڙ، ٺيڪيدار.

tax-free (ٽيڪس فري) **adj, adv.** without payment of tax, ڍل يا محصول کان آجو، ناقابل محصول.

tax haven (ٽيڪس هيون) **n.** a country or state where taxes are low, اهو ملڪ يا رياست جتي ڍل يا محصول جا گهٽ اگهه هجن.

tax holiday (ٽيڪس هاليڊي) **n.** the period during which a government makes tax concessions available to business, eg to encourage exports, ڍل يا محصول جي ڇوٽ، روانگي واپار وڌائڻ لاءِ محصولن ۾ ڪجهه وقت لاءِ ڇوٽ ڏيڻ.

taxi (ٽيڪسي) **n, vi, vt.** (also taxi cab) a motor car, usu fitted with a taximeter, licensed to carry passengers on request to a specified destination; any other vehicle available for hire, such as a boat or small aircraft, موٽر ڪار، ٽيڪسي، موٽر گاڏي، ڀاڙي جي موٽر گاڏي، لانچ، ٻيڙي، جهاز وغيره جيڪي ڀاڙي عيوض حاصل ڪري سگهجن.

taxidermy (ٽيڪسي ڊرمي) **n.** the art of preparing, stuffing and mounting the skins of animals and birds so that they present a life like appearance, کل بندي، پوست بندي، جانورن جي کلن کي محفوظ رکڻ جو علم، پکين ۽ جانورن کي سندن اصل حالت ۾ ڏسڻ ۾ آڻڻ، جانورن جي کلن کي سخت ڪري سڪائي اصل حالت ۾ رکڻ جو هنر.

taximeter (taxameter) (ٽيڪسي ميٽر) **n.** an instrument attached to a cab for indicating (distance travelled and) fare due, ٽيڪسي ۾ لڳل مفاصلو ۽ ڀاڙو ٻڌائيندڙ اوزار.

taxing (ٽيڪسنگ) **n, adj.** imposition of taxes; the practice of mugging a person for his or her fashionable footwear; censure, satire; demanding; onerous, محصول يا ڍل لاڳو ڪرڻ يا لڳائڻ، سٺو جوتو، ڀاتل (مرد يا عورت کان) جوتو ڦرڪرڻ، مشڪل، چرچي وارو، ٽوڪ بازي، هَجو، سِٺ، محنت وارو، محنت طلب، ڀاري، اوکو، ڳورو.

taxis (ٽيڪسس) **n.** return to position of displaced parts by means of manipulation only; movement of a whole organism, eg a bacterium in response to stimulus; arrangement or order; a division of an ancient Greek army (in Athens the contingent from a phyle), ترتيب، درجي بندي، صف بندي، هٽ سان هڏن جو جوڙ ڏاهڻ، جوڙ ويهارڻ، تقسيم، ونڊ، ورڇ، حرڪت انگيزي، فوجي جٿو.

tax loss (ٽئڪس لاس) **n.** a loss that can be offset against taxable future profits, (محصول پوڻ ڪري) نقصان جيڪو اڳتي هلي پورو ٿي وڃي.

taxing-master (ٽئڪسنگ ماسٽر) **n.** an officer of a court of law who examines bills of costs, عدالتي عملدار جيڪو قيمتن جا بل جاچي، خرچ جي جاچ پڙتال ڪندڙ عدالتي عهديدار.

tax man (ٽئڪس مئن) **n.** a tax-collector; tax-collectors collectively, ڍل يا محصول گڏ ڪندڙ، مختيارڪار، ڪليڪٽر، ديواني عملدار، محصول وصول ڪندڙ، ڍل ڀڏندڙ.

taxol (ٽئڪسول) **n.** a drug obtained from the bark of the Pacific yew, possibly of value as a tumour-suppressant, طبي مادو، طبي دوا.

taxon (ٽئڪسن) **n.** a biological category, a taxonomic groups (eg species) or its name, جنس، صنف جنس بندي، تقسيم، ورڇ، ورهاست.

taxonomy (ٽئڪسونمي) **n.** classification or its principles; classification of plants or animals, including the study of means by which formation of species, takes place, درجي بنديءَ جو علم، علم اصول جنس بندي، نظام تقسيم، ترتيبي اصول بندي، ترتيبي وچا، علم صنفبندي حيواني جنس بنديءَ جو علم.

tax-payer (ٽئڪس پيئر) **n.** a person who pays tax or taxes; a person who is liable to taxation; a building put up for the express purposes of earning money to pay tax on the land, محصول يا ڍل ڀريندڙ، ڍل يا محصول ڏيڻ لاءِ ذميوار.

tax point (ٽئڪس پوائنٽ) **n.** the date on which value-added tax becomes payable, محصول جي ادائگي لاءِ مقرر وقت، تاريخ جنهن کان پوءِ ڪنهن شيءِ تي محصول لاڳو ڪيو وڃي.

tax relief (ٽئڪس رليف) **n.** the cancelling of part of the income tax due, ڍل يا محصول جي ڪجهه حصي جي ڇوٽ، ڇوٽ، ڍل ڇوٽڪارو، محصول ڇوٽڪارو.

tax return (ٽئڪس رٽرن) **n.** a yearly statement of one's income, from which the amount due in tax is calculated, محصول ڪٽڻ لاءِ سالياني آمدنيءَ جو تفصيل.

tax shelter (ٽئڪس شيلٽر) **n.** a financial arrangement made in order to pay the minimum taxation, سيڙپ جو هڪ اهڙو طريقو ڪار جنهن مطابق محصول جي ذميواري گهٽ ۾ گهٽ ٿئي.

tax-sheltered (ٽئڪس شيلٽرڊ) **adj.** of or produced by a tax shelter; of or involving investments legally exempt from tax, گهٽ محصول جو طريقو، اهڙي سيڙپ ڪاري جنهن وسيلي محصول مان ڇوٽ حاصل ڪري سگهجي.

tax threshold (ٽئڪس ٿري شولڊ) **n.** the level of income at which tax starts to be payable, آمدنيءَ جي اها حد جتان وٺي جي صورت ۾ ان تي محصول لاڳو ٿئي.

Taxus (ٽئڪسس) **n.** the yew genus of conifers, giving name to the family, جنس ڪاج وڻ، صنوبر جنس، سَرو وڻ جي هڪ جنس.

tay (ٽي) **n.** tea (Ir), چانهه.

tayberry (ٽي بيري) **n.** a hybrid plant, a blackberry crossed with raspberry; the fruit of this plant, پيوندي ٻوٽو، پيوندي ٻوٽي جو ميوو.

tayra or **taira** (ٽائرا) **n.** a large S American member, of the weasel family, ڏکڻ آمريڪا جو نور جي جنس جو جانور، ٽائيرا نور، ڪستوري نور.

Tay-Sachs disease (ٽي سئڪس ڊزيز) **n.** a congenital disorder, prevalent in Ashkenazi Jews, caused by a faulty gene, in which progressive degeneration of nerve cells in the brain and spinal cord cause mental retardation, blindness, paralysis and usu an early death in child-hood, خاص طور يهودين جي هڪ موروثي بيماري جنهن ڪري ٽنتي سرشتو ڳرڻ شروع ٿيندو آهي ۽ ٻار بلوغت کان اڳ ۾ ئي دماغي طور ڪمزور ٿي مري ويندو آهي.

tayassuid (ٽايا سو اِڊ) **n.** any member of the peccary family of New World pigs (together with the suids they comprise the suborder Suina), سوئر جي جنس جا جانور، اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا جو پيڪاري سوئر.

tazza (ٽئسا) **n.** a shallow cup mounted on a circular foot; a saucer-shaped bowl, پيالي جو قسم، پيالي جو نمونو، چورس هٿئي وارو پيالو، ساسر نما پيالو.

T-bandage (ٽي بئنڊيج) **n.** a bandage composed of two strips fashioned in the shape of the letter T, ٽيءَ لفظ وانگر ٺاهيل پٽي.

T-bar (ٽي بار) **n.** a metal bar with cross-section in the shape of the letter T; a type of ski-lift, ٽيءَ جي شڪل ۾ ٺاهيل شيخ يا لٺ، چڙهي، هوا ۾ تارن تي هلندڙ گاڏيءَ جو قسم.

T-bone (ٽي بون) **n.** a bone shaped like a T, esp in a large steak cut from the sirloin of beef, ٽيءَ شڪل هڏو.

T-cart (ٽي ڪارٽ) **n.** a four-wheeled, horse-drawn carriage, usu used for pleasure-trips, with a T-shaped body, چئن ڦيٿن واري گهوڙي گاڏي، وڪٽوريا گاڏي.

T-cell (ٽي سيل) **n.** a type of lymphocyte involved in cellular immunity, that matures (in mammals) in the thymus gland, eg a cytotoxic T-cell able to kill virus-infected cells, انساني بچاءَ جي نظام جو هڪ ننڍو ذرڙو

(جيڪو نقصانڪار جزن جي مزاحمت ڪري ٿو).

tchick (ٽي چِڪ) **n.** a sound made by pressing the tongue against the roof of the mouth and then drawing back one side; as in urging a horse on; to make such a sound, زبان کي تارونءَ سان لڳائي ڪڍيل آواز، گهوڙي کي هڪل ڪرڻ (ڳِر ڳِ). ڄِٽڪر جو آواز.

tetchy or **techy** (ٽيچي) **adj.** irritable; peevish, چيڙاڪ، تيسر، زود رنج، چڙ چڙيو، تيسي ڪاڌو، ڪجهو ، پوسنڊڙ، تپشو، چڙلو.

tete[1] (ٽيٽ) **n.** an elaborately dressed head of hair; a headdress (Fr), سينگاريل وارن سان مٿو، مٿي لاءِ سينگار واري پوشاڪ.

tete[2] (ٽيٽ) **n.** a head, مٿو، سر، کوپڙي.

tete-a-tete (ٽيٽ آ ٽيٽ) **n.** face to face; a private confidential interview; a S-shaped sofa for two bringing sitters face to face; confidential, secret; in private conversation; face to face, پنهنجي پر ۾، روبرو ڳالهه، دوستاڻي يا خانگي ڳالهه ٻولهه، خلاصو حال احوال، قيل و قال، منهان منهن، خانگي گفتگو، ٻن ماڻهن جي آمهون سامهون وهڻ لاءِ ڪوچ.

tete-beche (ٽيٽ بيش) **adv.** head-to-tail; (of a postage stamp) printed in an inverted position in relation to its neighbour (Fr), مٿي کان پڇ تائين، منهن جي جاءِ تي پڇڙ، ابتي ڇپيل ٽڪلي (پوسٽ جي).

tether (ٽيدر) **n, vt.** a rope or chain for confining an animal within certain limits; the extent of one's knowledge, endurance, authority; to confine with a tether; to restrain within certain limits, نوڙي يا

رسيءَ سان ٻڌڻ، ونگ، ڍنگ، رسو، پنجوڙ، واڙ، زنجير، ڍڳهه رَس، پاڙ جي سرڪ، حد، ڪهر ڏهڻ لاءِ ونگ، واڪڻ، پاڙڻ، اختياريءَ جي پهچ، ڊيگهه ڪرڻ، ڪنهن خاص حد اندر بندڻ يا پابند ڪرڻ.

Tethys (ٽيٿس) **n.** a sea nymph, wife of Oceanus; a sea that extended in Mesozoic times from Mexico across the middle Atlantic and the Mediterranean into the centre of Asia; the third natural satellite of Saturn (Gr), سمنڊ جي ديوي، ويهه لک سال اڳ جو هڪ سمنڊ جنهن بابت چيو وڃي ٿو ته اهو ميڪسيڪو کان پاڪستان تائين هئو ۽ کيرٿر جبل ان هيٺ ٻڏل هو، زحل گرهه جو ٽيون چنڊ.

tetra[1] (ٽيٽرا) **n.** any of various species of tropical freshwater fish of the family Characidae, مٺي پاڻيءَ جي مڇين جون جنسون.

tetra[2] (ٽيٽرا) **n.** a plant, ٻوٽي جو قسم.

tetra- (ٽيٽرا) combining form : denoting four, چار، چوٿو، چؤ، چونڪ، چوڪڙي، مربع، چوڪندو.

tetrabasic (ٽيٽرا بيسڪ) **adj.** capable of reacting with four equivalents of an acid; (of acids) having four replaceable hydrogen atoms, چؤ اساسي، چؤ اساسي جوهري مادو.

tetrabranchiate (ٽيٽرا برانچيئيٽ) **adj, n.** four-gilled; any mollusc belonging to the Tetrabranchia, چؤ شاخي، چوڪَلي، چوڪَلي دار.

tetrachloride (ٽيٽرا ڪلورائيڊ) **n.** any compound with four chlorine atoms per molecule, ڪيميائي مادو.

tetrachloroethylene or **tetrachlorethylene** (ٽيٽر ڪلورو ايٿلين) **n.** C_2C_{14}, a liquid used in dry-cleaning, as a solvent, ڪپڙن جي خشڪ ڌوپ وارو مادو، صفائيءَ جي ڪم ايندڙ مادو.

tetrachloromethene (ٽيٽرا ڪلورو ميٿين) **n.** carbon tetrachloride, ڪاربان مادو.

tetrachord (ٽيرا ڪارڊ) **n.** a four-stringed instrument; a series of four sounds, forming a scale of two tones and a half, چؤتارو، چؤ ڏوري، چئن قسمن جا آواز ڪڍندڙ ساز.

tetrachotomy (ٽيٽرا ڪوٽومي) **n.** division in fours, چؤ حصي جراحي، چئن حصن ۾ ورهاست.

tetracid (ٽيٽرا سڊ) **adj.** having four replaceable hydrogen atoms; capable of replacing four hydrogen atoms of an acid, چؤ ذرڙاتي تيزاب.

tetract (ٽيٽرڪٽ) **adj, n.** four-rayed; a four-rayed sponge spicule, چئن شعاعن وارو اسفنجي مادو.

tetractinellida (ٽيٽرڪٽني ليڊا) **n.pl.** an order of sponges in which some of the spicules are four-rayed, اسفنجي مادن جو اهو حصو جن ۾ چار شعاع يا ترورا آهن.

tetracyclic (ٽيٽرا سائيڪلڪ) **adj.** of, in or with four whorls or rings; (of a compound) having four fused hydro-carbon rings in its molecular structure, چؤ دوري، چار چڪري.

tetracycline (ٽيٽرا سائيڪلين) **n.** a crystalline antibiotic used to treat a wide range of infections, esp of the respiratory and urinary tracts, دوا، طبي دوا، طبي مادو، وارو مادو، اندروني سگهه وڌائيندڙ طبي مادو.

tetrad (ٽيٽريڊ) **n.** a group of four; an atom, radical or element having a combining power of four, چار، چوڪڙي، چئن وارو، چوٽي طاقت وارو، اوٺو، چؤ انو جوهر.

tetradactyl (ٽيٽرا ڊڪٽائل) **adj.** four-fingered; four-toed; a four-toed animal, چؤ آڱريو، چئن آڱرين وارو جانور

tetradactyly (ٽيٽرا ڊڪٽلي) **n.** the condition of being tetradactylous, پير ۾ چئن آڱرين واري حالت ۾ جنس وارا جانور جيئن شينهن، ٻگهڙ، لومڙ، چراخ وغيره.

tetradite (ٽيٽرا ڊائيٽ) **n.** a person who attaches mystic properties to the number four; a believer in a godhead of four persons, چئن جي انگن کي سياڳو مڃيندڙن، چئن جي جٽي جو پوئلڳ (ڪرستانن جو عقيدو)

tetradracham (ٽيٽرا ڊرڪم) **n.** an ancient Greek coin worth four drachmas, پراڻو يوناني چئن درهمن وارو سڪو.

tetradymite (ٽيٽرا ڊيمائٽ) **n.** a grey metallic mineral, an ore of tellurium, Bi_2Te_2S, معدني ڌاتو، معدني مادو.

Tetradynamia (ٽيٽرا ڊاءِ ناميا) **n.pl.** (in Linnaeus's system) a class corresponding to the Cruciferae, چؤ طاقتي.

tetradynamous (ٽيٽرا ڊاءِ نامَس) **adj.** having four long stamens in pairs and two short, as in the Cruciferae, چؤ طاقتي، چئن جوڙن وارو، چئن وڏن ۽ ٻن ننڍين شاخن وارو.

tetraethyl (ٽيٽرا ايٿائل) **adj.** having four ethyl groups, as tetraethyl lead or lead tetraethyl, $Pb(C_2H_5)_4$, used in petrol as an antiknock agent, ڪيميائي مادو.

tetragon (ٽيٽراگن) **n.** a plane figure having four angles and four sides; a quadrilateral. چار چوڪندو، پاسو، چئن ڪندن واري شڪل.

tetragonal (ٽيٽرا گونل) **adj.** having the form of a tetragon; referable to three axes at right angles, two of them equal, چوڪندو، چؤ گوشو، چار پاسائون.

tetragonous (ٽيٽرا گونس) **adj.** with four angles and convex faces, چئن ڪندن واري بيهڪ وارو.

tetragram (ٽيٽرا گرام) **n.** a word or inscription of four letters; the tetragrammation; a (complete) quadri-

lateral, چئن اکرن وارو لفظ يا ڪتبو.

tetragrammaton (ٽيٽرا گرئميٽن) **n.** vocalized as the name YaHWeH, JeHoVaH, as written with four Hebrew letters, regarded as a mystic symbol; any other sacred word of four letters, as the Latin Deus, عبراني ٻوليءَ ۾ الله تعاليٰ جي نالي ۾ صرف چئن اکرن جو استعمال. چئن اکرن وارو لفظ جنهن کي ڪا خاص مذهبي پاڪائي حاصل هجي.

Tetragynia (ٽيٽرا جائينيا) **n.pl.** (in the Linnaean system) an order of plants (in various classes) with four pistils, چؤ مادي. چؤ گردلي. (ٻوٽن جو قسم)

tetrahedral (ٽيٽرا هيڊرل) **adj.** of, relating to, like or in the form of a tetrahedron, چؤ سطحي. چار سطحي شڪل.

tetrahedrite (ٽيٽرا هيڊرائيٽ) **n.** grey copper ore, sulphide of copper and antimony often occurring in tetrahedral crystals, ٽامي، لوهه ۽ سرمي جو ڪچو ڌاتو.

tetrahedron (ٽيٽرا هيڊرن) **n.** a solid body with four plane faces; a tetrahedron whose surfaces are equilateral triangles, چؤ سطحو سخت جسم. چو پاسو سخت بيهڪ وارو جسم.

tetrahydrocanncabinol (ٽيٽرا هائيڊروڪئنا ڪئبينول) **n.** the main intoxicant substance in marijuana, چرس جو مکيه نشي آور مادو. چرس جو سَتُ.

tetrahydrofolate (ٽيٽرا هائيڊرو فوليٽ) **n.** folic acid, vitamin B_7, وٽامن بي ست مادو. قوت وارو مادو.

tetrakishexahedron (ٽيٽرڪسي هيڪسا هيڊرن) **n.** a figure got by erecting equal pyramids on all the faces of a cube, چوڪڙي جي چوڌاري ٻهاريل پٿرن کي ملائڻ لاءِ ٺاهيل صورت.

tetralogy (ٽيٽرلجي) **n.** (in ancient Greece) a group of four connected dramas, usu three tragic and one satyric; any series of four related dramatic or operatic works or stories, چئن ناٽڪن جو مجموعو. چئن مختلف قسمن جي ناٽڪن جو مجموعو.

tetrameral (ٽيٽرا ميرل) **adj.** four-parted, چئن ڀاڱن وارو.

tetramerism (ٽيٽرا ميرزم) **n.** division into four parts, چئن ڀاڱن ۾ ورڇ.

tetramerous (ٽيٽرا ميرس) **adj.** having four parts, or parts in fours, چؤ ڀاڱو. چار رڪني. چار جزو. چار ذرڙو.

tetrameter (ٽيٽرا ميٽر) **n.** a metrical verse of four feet. چئن سٽن وارو شعر.

tetramorph (ٽيٽرا مارف) **n.** a pictorial representation of the symbolic attributes of the four evangelists combined in a single figure, چئن مک ساٿين کي هڪ صورت ۾ پيش ڪرڻ.

tetramorphic (ٽيٽرا مارفڪ) **adj.** having four forms, چو شڪل. چار شڪلي.

Tetrandria (ٽيٽرا نڊريا) **n.pl.** (in Linnaeus's classification) a class of plants with four stamens, چؤنري. چار نرا ٻوٽا.

tetrandrous (ٽيٽرن ڊرٽس) **adj.** having four stamens, چار نرو. چؤنر ريشو.

Tetrapla (ٽيٽرا پلا) **n.** an edition of four parallel texts, esp Origen's of the Old Testament, توريت جا چار مختلف ڪتاب.

tetraplegia (ٽيٽرا پليجيا) **n.** quadriplegia, چؤ طرفي فالج. مڪمل اڌ رنگ.

tetraploid (ٽيٽرا پلائڊ) **adj.** of cells, nuclei or organisms, having four times the haploid (twice the normal) number of chromosomes, چار تهه جم جيوڙا. چار تهه نسلي منتقلي جيوڙا.

tetraploidy (ٽيٽرا پلائڊي) **n.** the condition of being tetraploid, چئن تهن وارو.

tetrapod (ٽيٽرا پوڊ) **n, adj.** a four-footed animal any vertebrate above the fishes; a reinforced-concrete block laid against a sea wall to break the force of the waves; a structure with four supporting arms at 120 deg to each other radiating from a central point, three arms supporting the structure at any one time, with the fourth vertical, چؤ پيرو. چؤ پائو. چئن پيرن وارا جانور جن ۾ ڪير پيارينڊڙ جانور. سانڊا. ڪرڙيون. گوهه. واڳون وغيره اچي وڃن ٿا. سيمينٽ ۽ لوهه جو چورس لکڙ جيڪو سامونڊي ديوار پرسان هوا ۽ پاڻي جي زور کي گهٽ ڪرڻ لاءِ رکيو ويندو آهي. اُهي بيهڪ تي ٻهاريل اهڙو جزو جيڪو مخالف طرفن کان ٻه مددي بيهڪن رستي پڪو ڪيو ويو هجي.

tetrapodic (ٽيٽرا پوڊڪ) **adj.** (of verse, a metrical unit) having four metrical feet, چئن سٽن ۾ شعر.

tetropolis (ٽيٽرا پولس) **n.** a group of four towns, چئن شهرن جو مجموعو. چئن ڳوٺن تي مبني شهر. چئن حصن ۾ ورهايل شهر.

tetrapteran or **tetrapeterous** (ٽيٽرا پٽٽرن. ٽيٽرا پٽيرس) **adj.** four-winged, چؤپرا. چئن پرن وارا اڏامندڙ جيت.

tetraptote (ٽيٽراپٽوٽ) **n.** a noun with only four cases, اسم جو قسم.

tetrarch (ٽيٽررچ) **n, adj.** under the Romans, the ruler or governor of the fourth part of a province; a petty king; a subordinate prince; the commander of a subdivision of a Greek phalanx; one of four joint

rulers; having four xylem strands, صوبي جي چوٿين حصي جو حاڪم، چوٿو حاڪم. ننڍو شهزادو. يوناني فوج جي دستي جو سالار. چئن رڳن وارو.

tetrarchy (ٽيٽرچي) **n.** the office, rank, period of office or jurisdiction of a tetrarch; the fourth part of a province; the condition of being tetrarch, چوٿين حصي جي حاڪم جو عهدو ۽ عرصو. چوٿي حاڪم واري حيثيت.

tetrasemic (ٽيٽرا سيمڪ) **adj.** equivalent to four short syllables, as is dactyl, anapaest or spondee, چئن سُرن يا اُچارن وارو.

tetraspore (ٽيٽرا سپور) **n.** an asexual spore formed in groups of four in red seaweeds, چؤ تخم. چؤ تخمڙو.

tetrasporangium (ٽيٽرا سپرنجيم) **n.** the sporangium in which tetraspores are formed, چؤ تخمي بوٽو.

tetrastich (ٽيٽراسٽچ) **n.** a stanza or set of four lines, چئن ليڪن وارو بيت. چئن سٽن يا مصرعن وارو غزل. رُباعي.

tetrastichal or **tetrastichic** (ٽيٽراسٽيچل) **adj.** of or of the nature of tetrastichs, چؤ قطاري صورت. رُباعيءَ واري بيهڪ.

tetrastichous (ٽيٽراسٽي چس) **adj.** in four rows, چار قطارون. چؤ تخمڙو. چؤ قطاري.

tetrastyle (ٽيٽرا اسٽائيل) **n, adj.** a building or portico with four columns supporting a ceiling in front; a group of four pillars, چئن ٿنڀن واري عمارت. چئن ٿنڀن جو مجموعو. چئو ٿنڀي عمارت سازي.

tetrasyllable (ٽيٽرا سائيليبل) **n.** a word consisting of four syllables, چئن اکرن وارو لفظ.

tetratheism (ٽيٽرا ٿيزم) **n.** the belief in four elements in the Godhead, ie the three persons of the Trinity and a divine essence out of which each of these originates, چئن عنصرن بر اعتقاد وارو عيسائي عقيدو. عيسائي عقيدي مطابق ٽن شخصيتن سان گڏ چوٿين حقيقت جي موجودگي.

tetrathlon (ٽيٽرا ٿلان) **n.** a four-event sporting contest, چئن راندين تي مداري راندين جا مقابلا.

tetratomic (ٽيٽرا ٽومڪ) **adj.** having or composed of four atoms to a molecule, چؤ جوهري مرڪب

tetravalent (ٽيٽرا ويلنٽ) **n.** quadrivalent, چؤ ڪرفتي. چؤ شڪتي. چؤ ڪرفتو.

tetraxon (ٽيٽراڪسن) **n.** a sponge spicule with four axes, چؤ محوري. اسفنج.

tetrode (ٽيٽروڊ) **n.** a thermionic valve with four electrodes, چار پرديون. چار ٿهو.

tetrodotoxin or **tetrotoxin** (ٽيٽروڊو ٽاڪسن يا ٽيٽرو ٽاڪسن) **n.** a deadly nerve poison ($C_{11}H_{17}N_3O_3$), found in a species of Japanese puffer fish, ڪيميائي گئس وارو مادو. انسان کي بيڪار بنائيندڙ گئس. (جيڪا مڇيءَ مان ملندي آهي).

tetronal (ٽيٽرونل) **n.** a hypnotic and sedative drug rarely used because of its high toxicity, تمام تيز نشي آور دوا.

tetroxide (ٽيٽرا ڪسائيڊ) **n.** an oxide with four atoms of oxygen in the molecule, چار آڪسيجني مادو.

tetryl (ٽيٽرل) **n.** a yellow crystalline explosive compound used as a detonator, بم ڦاڙيندڙ پيلو مادو. ڌماڪيدار مادو.

tetter (ٽيٽر) **n, vt.** a skin eruption, eg eczema; a cutaneous disease; to affect with a tetter, ڏڌ (چمڙيءَ جي بيماري). پت. خارش. چمڙي ساڙ جي بيماري. خارش جو اثر وجهڻ.

tettix (ٽيٽڪس) **n.** a cicada; a cicada-shaped ornament for the hair, وارن لاءِ زيور. بڪل. ڪلپ.

Teucrian (ٽيوڪرين) **n & n.** Trojan, ٽروجن قوم.

Teuton (ٽيوٽن) **n, adj.** any speaker of a Germanic language; a member of an ancient Germanic race from Jutland; (popularly) a German; Teutonic, جرمن ٻولي ڳالهائيندڙ. اڳوڻي جرمن علائقي جٽ لئنڊ جو رهاڪو. قديم جرمنيءَ جي قوم.

Teutonic (ٽيوٽونڪ) **adj.** belonging to the Teutons; Germanic, ie of the linguistic family that includes English, German, Dutch and the Scandinavian languages; (popularly) German in any sense; the parent language of the Teutons, primitive Germanic, جرمن. جرمنيءَ جو. جرمن ٻوليءَ جو خاندان. اڳوڻي جرمن ٻولي.

Teutonism (ٽيوٽونزم) **n.** a Germanism; belief in or enthusiasm for the Teutons; the study of German philology and culture, جرمن قوم جو پنهنجي اُچي درجي وارو هجڻ بابت اعتقاد. جرمنيءَ جي فلسفي ۽ تهذيب جو ابياس.

tew (ٽيو) **vt, vi, n.** to work up; to taw; to toil; hustle; worry; excitement, ڪم ڪرڻ. پورهيو ڪرڻ. پريشان ڪرڻ. تنگ ڪرڻ. ٿڪائڻ. جوش ۾ آڻڻ. جذبو. شوق.

tewel (ٽيو آل) **n.** the rectum or anus, esp of a horse; a flue; a tuyere, (گهوڙي جي) مقعد. وات سان وجائڻ وارو ساز.

tewit or **tewhit** (ٽيوٽ) **n.** a lapwing, ٽيٽيهر (پکي). ڪلنگيدار ٽيٽهر پکي.

Texan (ٽيڪسن) **adj, n.** a native of Texas in US; of or relating to Texas, ٽيڪساس جو رهاڪو.

Texas (ٽيڪسس) **n.** a state of the USA; an upper structure on a river-steamer, آمريڪي رياست ٽيڪساس. جهاز يا

بتيلي جو مٿيون طبقو.

Texas fever (ٽيڪسس فيور) **n.** a protozoal disease of cattle transmitted by ticks, ٽيڪسلي بخار (چوپائي مال جي بيماري).

Texas Rangers (ٽڪساز رينجرس) **n.** Texas state police, formed in the 19c, ٽيڪساس رياست جي پوليس.

Texas tower (ٽيڪساس ٽاور) **n.** a radar tower built off-shore as part of an early-warning system, ٽيڪساس جو منارو، سامونڊي ڪناري جو طوفان وغيره جو اڳواٽ اطلاع ڏيڻ وارو منارو.

Texel (ٽيڪسل) **n.** a breed of sheep, originating in Holland and first imported in quantity to Britain for breeding purposes in 1974, رڍ جو نسل، هالينڊ جو رڍ جو نسل، يورپي رڍ.

text (ٽيڪسٽ) **n.** the actual words of a book, poem, in their original form or any form they have been transmitted in or transmuted into; a book of such words; a topic; words set to music; the main body of matter in a book; the exact wording of a book or piece of writing; words or a piece of writing displayed on a VDU; matter commented on; a theme; a text-book; books for study; a copybook heading; text-hand, مضمون، لکت، اصل عبارت، اصل نسخو، اصل متن، نصاب، متن، مول گرنٿ، مول گرُ، مول، (پاڪ ڪتاب جي) آيت، وچن، سوتر، پريوڳ، وڦان، درسي ڪتاب، سرنامو، سِرو، ٽيليويزن تي نظر ايندڙ اکر يا عبارت.

text book (ٽيڪسٽ بوڪ) **n, adj.** a book containing the leading principles of a subject; (of an operation or example) exactly as planned, in perfect accordance with theory or calculation, درسي ڪتاب، نصابي ڪتاب، بنيادي اصولن جو ڪتاب.

text editor (ٽيڪسٽ ايڊيٽر) **n.** (comput) a programme or series of programs which allows text to be entered and edited on-screen, (ڪمپيوٽر جو) وٿل ڪم ڪي ٽيليويزن تي ڏيکارڻ تہ جيئن درستيون ڪري سگهجن.

text hand (ٽيڪسٽ هينڊ) **n.** a large hand in writing, orig one suitable for the text of a manuscript book, وڏي هٿ اکري لکيل ڪتابت، سنئي هٿ لکت، ڇاپي لائق اکر.

textile (ٽيڪسٽائيل) **n, adj.** a woven fabric; fibre, yarn, suitable for weaving into fabric; any cloth or fabric; a woven or capable of being woven, ڪپڙي ڌاڳو، ڪپڙو، بافتو، ڪپڙو اڻڻ، اڻيل ڪپڙو، اڻيل شيء، اُڻت جو ڪيل ڪم، اڻڻ جهڙو.

text man (ٽيڪسٽ مئن) **n.** a quoter of texts; a textualist, ڪتابن مان حوالو ڏيندڙ، ماهر.

textorial (ٽيڪسٽوريل) **adj.** pertaining to weaving, اڻڻ لاڳاپيل، اڻت بابت، ڪپڙي اڻڻ سان لاڳاپيل.

text phone (ٽيڪسٽ فون) **n.** a telephone specially adapted to convert text into spoken messages and vice versa, فون جيڪا ٽاپا ولي سگهي ۽ ڏئي بہ سگهي.

text-processing (ٽيڪسٽ پروسيسنگ) **n.** (comput) the handling of text by computer, eg converting it from one format to another, (ڪمپيوٽر ۾) وٿل مواد کي ضرورت تحت هڪ پروگرام مان ٻئي ۾ وجهڻ، هڪ نموني کان ٻئي نموني ۾ آڻڻ.

textual (ٽيڪسٽيوئل) **adj.** pertaining to, or contained in, the text; serving for a text, مول گرنٿ جو، متني.

textual criticism (ٽيڪسٽيوئل ڪرٽيسزم) **n.** critical study directed towards determining the true reading of a text, مذهبي ڪتابن جي علم جي ڄاڻ وارو، مذهبي ڪتابن ۾ لکيل معاملن تي لفظ بہ لفظ عمل ڪندڙ، لکت مان اصل معني حاصل ڪندڙ ماهر.

textualism (ٽيڪسٽيوئلزم) **n.** (too) strict adherence to a text, esp that of the Bible; textual criticism, esp of the Bible, مذهبي ڪتابن ۾ لکيل مواد تي مڪمل ايمان ۽ عمل، انجيل جي مواد تي تنقيد ڪرڻ.

textualist (ٽيڪس ٽيوئلسٽ) **n.** one learned in, or a strict adherer to, the text, esp of the Bible; a literal interpreter; a quoter of texts, مذهبي ڪتابن جي علم جي ڄاڻ وارو، مذهبي ڪتابن ۾ لکيل معاملن تي لفظ بہ لفظ عمل ڪندڙ، خاص ڪري انجيل تي.

texture (ٽيڪسچر) **n, vt.** a web; that which is woven; a fabric; the quality of a material as conveyed to the touch, for example its roughness, smoothness; the general structure, appearance and feel of something; the general quality, character or tenor of something; structural impression resulting from the way that the different elements are combined or interrelated to form a whole, as in music, art; the manner of weaving or connecting; a weave; disposition of the parts of body; to give a certain texture to, texturize; to weave, طبعي بناوت، ساخت، بافت، اڻت، اڻاوت، ترڪيب، بناوت، اوڄ، اڻات، اڻپ، لڪري، تَرَ، ڪنهن شيء جي بيهڪ، خوبي، خاصيت، ڏيک ويک، مختلف سُرن کي ملائي ٺاهيل ڌن، مختلف هنرن کي ملائي ٺاهيل هنر، مرڪب بيهڪ، اڻڻ جو طريقو، مختلف قسمن جون اُڻتون، اڻيل شي، بدن جي عضوي جي بيهڪ يا بناوت، (ڪپڙي کي) خاص بيهڪ ڏيڻ، خاص طريقي

سان اڻڻ، مڙهڻ.

texturize (-ise) (ٽيڪسچرائيز) **vt.** to give a particular texture to (food or fabric), to texture, ضرورت وارو ڪرڻ. (کاڌي يا ڪپڙي کي) ضرورت مطابق اڻڻ. ضروري سواد ڏيڻ. خاص بيهڪ ڏيڻ.

texturized vegetable protein (ٽيڪسچرائيزڊ ويجيٽبل پروٽين) **n.** a vegetable substance, usu made from soya beans, prepared to resemble meat in appearance and taste, سويا بين ڀاڄيءَ جو خاص طور تيار ڪيل مادو جيڪو گوشت وانگر نظر اچي ۽ سواد ۾ گوشت وارو ڏئي.

th (ٿ) **n.** the element thorium, عنصر ٿيورم.

th- (ٿ) forms of the, esp before a vowel; as in thelement, the element, thelf, the elf, thother, the other, ڪن لفظن جي اڳيان هي اکر لڳائي مڪمل يا مختلف معنيٰ ڏيڻ.

-th[1] (ٿ) **sfx** forming nouns (1) from verbs, denoting action or process (growth); from adjectives, denoting abstract qualities (filth, width), فعل مان اسم ناهڻ لاءِ آخر ۾ لڳندڙ حَرف.

-th[2] or **-eth** (ٿ. ٿَ. ٿَ) **sfx** forming ordinal numbers and fractions from cardinal numbers greater than, or ending in a number greater than three, ٽين انگن کي اڪي انگن ۾ آڻڻ لاءِ آخر ۾ لڳائڻ وارو حرف.

Thai (ٿائي) **adj, n.** of Thailand; a native of Thailand; the language of Thailand, ٿائلينڊ جو رهاڪو. ٿائلينڊ جي ٻولي.

Thai boxing (ٿائي باڪسنگ) **n.** a form of boxing practised in Thailand, using gloved fists, feet, knees and elbows, ٿائلينڊ ۾ کيڏي ويندڙ ڪشتي. راند جنهن ۾ مڪا، ٽنگا گوڏا ۽ ٺونٺيون هڻڻ جي اجازت آهي.

thairm (ٿيرم) **n.** an intestine; catgut; a musical string, آنڊو. آنڊي مان ناهيل ڌاڳو. آنڊي مان ناهيل ڏوري يا تند جيڪا سازن ۾ استعمال ٿئي ٿي.

Thalamiflorae (ٿلمين سيفلان) **n.pl.** in some systems, a subclass of dicotyledons with petals free and stamens hypogynous, گل ڇولڙيءَ وارا ٻوٽا. ڇٽن ٿهن وارو.

thalamus (ٿئل مَس) **n.** (in ancient Greece) an inner room chamber; the receptacle of a flower; a large ganglion in the brain; part of the midbrain where the optic nerve emerges, گل جو خانو. سند گل. گل جو ترو. اها جاءِ جتان رڳون يا تنتون دماغ کان نڪرن ٿيون.

thalassaemia or **thallassemia** (ٿئليسيميا) **n.** a hereditary disorder of the blood causing anaemia, sometimes fatal in children, رت جي خانداني يا موروثي بيماري.

thalassian (ٿئليسئن) **adj, n.** marine; a sea turtle, بحري. ساحلي يا سامونڊي ڪَمي يا ڪڇونءَ جي جنس جيڪا هن وقت اٺن قسمن جي آهي، خاص طور ساڱو، زيتوني، ٻاز چهنب وغيره.

thelassic (ٿئليسڪ) **adj.** marine; of the seas, esp those which are small or inland, بحري. بحر باش. ساحلي.

thalassocracy or **thalattocracy** (ٿئلسو ڪريسي) **n.** sovereignty of the seas, سامونڊي علائقن جي خود مختياري.

thalassography (ٿئليسو گرافي) **n.** the science of the sea, بحر نگاري. سامونڊي ڇاڻ. بحرن جو علم.

thalassotherapy (ٿئليسو ٿريپي) **n.** therapy, said to bring harmony to and detoxify the body, rid one of stress, involving the application of mud and seaweed, seawater baths and massage, سامونڊي مٽي ۽ گاهه بدن کي هڻي ويهڻ. سامونڊي پاڻيءَ سان وهنجڻ. مالش ڪرائڻ ته جيئن بدن جا مسام کلن ۽ دماغ کي فرحت اچي.

thalecress (ٿئيل ڪريس) **n.** a cruciferous wall plant with small white flowers, ديوارن تي چڙهڻ واري ول جنهن ۾ اڇا گل ٿين.

thalia (ٿئليا) **n.** the Muse of comedy and pastoral poetry; one of the Graces, مزاحيه ڊرامي ۽ ٻهراڙيءَ جي گيتن جو روح يا ارواح.

thalictrum (ٿالڪٽرم) **n.** a plant of the meadow-rue genus Thalictnum, چراگاهي ٻوٽي جو قسم.

thallium (ٿئليم) **n.** a soft, highly toxic white lead like metal (symbol Ti; atomic no 81) discovered in 1861, شيهي جهڙو ڌاتو عنصر. اڇي شيهي جهڙو.

thallous (ٿئلوآس) **adj.** of or containing univalent thallium, زهريلو عنصر. شيهي وارو عنصر.

Thallophyta (ٿئلوفائٽا) **n.pl.** the lowest main division of the plant kingdom, lacking true stems, roots and leaves, including bacteria, fungi and algae ڪائي ٻوٽو. ننڍي درجي وارو ٻوٽو. الجي. ڪائي. ڦنگي جنس وارا ٻوٽا ٻي جڙ ۽ ٻي پن ٻوٽا.

thallophyte or **thallogen** (ٿئلو فائٽ. ٿئلوجن) **n.** a stemless plant, consisting only of expansions of cellular tissue; any plant belonging to the Thallophyta, ڪائي ٻوٽو. سامونڊي ٻوٽو. ننڍي درجي وارو ٻوٽو. بنا پاڙ ۽ بنا پن وارن ٻوٽن جي جنس جو ٻوٽو.

thallus (ٿئلس) **n.** a solid mass of cells, a plant body not differentiated into leaf, stem and root, نباتي جسم (پاڙ ۽ ٿڙي). شاخ. ننڍو گونچ. نباتي جسم جنهن ۾ پاڙ. پن. ٿڙي وغيره نه هجن.

thalweg or **talweg** (ٿال ويه) **n.** the longitudinal profile of the bottom of a river-bed; the middle of a main navigable waterway, acting as a boundary be-

tween states, درياهہ جي سير. وهڪري جو وچ (جنهن رستي بنهي پاسي مختلف ملڪن جي حدن جي ورهاست ٿئي ٿي)، درياهہ جي وهڪري جو وچ يا مرڪزي وهڪرو.

than (دئن) **conj, prep.** used after a comparative, actual or felt, to introduce that which is in the lower degree; used after adverbs such as rather to introduce the less desirable or rejected option in a statement of alternatives; except, other than; in comparison (esp with whom), ڪان، بہ نسبت، ڪنان. ڪون (وڌيڪ)، ڪانسواءِ، ان ڪان سواءِ، (پيٽ، پيٽ ڏيڻ)

thanatism (ٿئناٽزم) **n.** belief that the soul dies with the body, عقيدو تہ روح بہ جسم سان گڏ فنا ٿو ٿئي. ڪُل فنا جو نظريو.

thanato- or **thanat-** (ٿئنا ٽو يا ٿئنٽ) combining form: denoting - death, موت، فنا، مرگهہ.

thanatognomonic (ٿئنا ٽو گنو مونڪ) **adj.** indicating or characteristic of death, علامت موت، آثار موت.

thanatography (ٿئناٽوگرافي) **n.** a narrative of a death, موت نامو، موت نگاري، مرثيو.

thanatoid (ٿئنا ٽائڊ) **adj.** apparently dead; deathly; deadly, زهريلو، مهلڪ، قاتل، مثل، مردي نما، موت جهڙو، ظاهري مُئل.

thanatology (ٿئناٽو لاجي) **n.** the scientific study of death and the customs and practices associated with it; care or psychological therapy for the dying, علم موت، موت جي باري ۾ سائنسي علم، مرڻ واري کي سنڀالڻ ۽ آٿت ڏيڻ جو طريقو.

thanatophobia (ٿئنا ٽوفوبيا) **n.** a morbid dread of death, موت جو خوف، موت ڊپ، موت جو خوف جيڪو مرض جي حد تائين پهچي.

thanatopsis (ٿئناٽوپسس) **n.** a view of, or reflection upon, death, موت جو اثر، موت لاءِ سوچ.

thanatosis (ٿئناٽو سس) **n.** gangrene, مهلڪ زخم، موتمار ڳڙهہ.

thane (ٿين) **n.** king's companion; one who held land by service, hence a noble of lower rank than erl or ealdorman; a hereditary (not military) tenant of the crown, often a clan chief, بادشاهہ جو ساٿي، نواب، جاگيردار، صلاح ڪار، قومي سردار، چڱو مڙس، ننڍو زميندار، ورثاتي حقدار.

thank (ٿئنڪ) **n, vt.** an expression of gratitude; an acknowledgement of favour or kindness; to express gratitude to; to blame or hold responsible, شڪر ادا ڪرڻ، احسان مڃڻ، احسان، مهرباني، شڪرانا مڃڻ، ٿورو سمجهڻ، ٿورائتو ٿيڻ.

thankful (ٿئنڪ فل) **adj.** grateful; gladly relieved, شڪر گذار، احسان مند، مشڪور، ممنون، شاڪر، ٿورائتو.

thankfully (ٿئنڪ فلي) **adv.** in a thankful manner; gratefully, with a thankful feeling; one feels thankful; (of words) expressing gratitude, مهربانيءَ وارو، شڪر گذاريءَ جو (لفظ، جملو)، احسان مڃڻ، ٿورائتو ٿيڻ.

thankless (ٿئنڪ ليس) **adj.** ungrateful; unthankful; not expressing thanks for favours; bringing no thanks, appreciation, pleasure or profit; a thankless task. ڳڻ چور، بي شڪر، احسان فراموش، جنهن مان هولد نہ شُڪر، بي سوپو ڪم، ڪرت ڳهن، اهو ڪم جنهن مان نہ وري نہ سري.

thank-offering (ٿئنڪ آفرنگ) **n.** an offering made to express thanks, شڪر ادائي، احسان مڃڻ، قدر داني، ٿورائتو ٿيڻ.

thanksgiving (ٿئنڪس گونگ) **n.** act of giving thanks; a public celebration of divine goodness and mercy; a day set apart for this; a form of giving thanks, a grace, that form preceding the last two prayers of morning or evening prayer or of the litany, شڪر گذاري، ڏني واد، شڪر گذاريءَ جي قرباني يا عبادت، شڪر ادائي، عيسائين جي شڪر گذاريءَ واري عيد، عبادت جو ڏينهن، شڪر گذاريءَ واري عبادت.

thank worthy (ٿئنڪ وردي) **adj.** worthy of or deserving thanks, شڪر گذاريءَ لائق، احسان جهڙو قدر، مهربانيءَ وارو.

thank you (ٿئنڪ يو) **adj, n.** expressing gratitude; anything expressing gratitude, esp a gift, اوهانجي مهرباني، شڪريو، احسان، ٿورو، احسان مڃڻ وارو، تحفو، مراد.

thar[1] (ٿهار) **n.** the serow, a Himalayan goat like an antelope; by confusion applied to the tahr (Nepali), ٿار، ٻڪر جي شڪل جو جابلو هرڻ، هماليائي هرڻ يا سيرو، ننڍين سڱن وارو جابلو هرڻ، هن هرڻ ٻڪري يا سيرو جا ڪيئي قسم آهن جيئن هماليہ سيرو - هندستان ۽ نيپال، ملائيشن سيرو - ملائيشا ۽ برما، جپاني سيرو - جپان، سماٽرن سيرو - سماٽرا ۽ ٿ، تبتي ۽ چيني سيرو - تبت ۽ چين.

thar[2] (ٿر) **n.** an stretch of arid land; desert; land without availability of water; a resident of desert, ٿر، ٿاريلو، ٿري، ٿر جو علائقو، (سنڌ جو) ٿر، بيابان، رڻ، ريگستان، خشڪ ۽ بياباني علائقو، ٿرپارڪر جو ريگستاني علائقو.

that (دَئٽ) **adj & pron.** used in pointing out a person or thing; indicating the thing, person, idea, event (already) mentioned, specified or understood; the former of two; the more distant, removed or less obvious (of two); not this but the other; the one to be indicated or defined; the person spoken to on the telephone; such ; often indicating an accompa-

nying snap of the fingers; who, whom, or which (esp when defining or limiting, not merely linking on an addition); to the degree or extent shown or understood; at which; to such a degree or extent; because; in that direction; the quality of being a definite thing, اهو، هُو، تہ، جيڪو، اهڙو، جيڪي، اهو، آهڙو تہ، آهڙو جو، جن، (اڙي) شلّ، جو الهيء لاء، جو تہ هائي، ڪاش ڪر، ڪنهن حد تائين ڪيتري قدر هيترو، ايترو، هِن طرف، هُن طرف، هيڏي هوڏي، ڪا خاص يا مقرر شيء، خاص شيء، ان طرف.

thatch (ٿئچ) **vt, vi, n.** to cover or roof with straw, reeds, heather, palm-leaves, or any similar material; to do thatching; a covering or covering material of straw, rushes, reeds, heather, palm-leaves; a roof or covering formed from such material; thick hair; a condition of grass in which a mat of dead vegetative fibre builds up, inhibiting the penetration of air to, and the growth of, the roots, ڇپر، لوڻي سان ڍڪڻ، ڇانئڻ، ڪانهہ، لوڻو، پکا، لوڻا، ڪجيء مان ٺهيل تڏو، تنڌوري، تڏن سان ڍڪڻ، گاهہ جي ماڌي سان ڇت ناهڻ، ڇپر وجهڻ، گهاٽا وار، گهاٽن وارن وارو مٿو، سڪل گاهہ سان پريل زمين.

thatch board (ٿئچ بورڊ) **n.** a building-board made of straw, ڪانن مان ناهيل اڏاوت وارو تختو، تنهن مان ٺهيل ڪاٺ

thatcher (ٿئچر) **n.** one who thatches. لوڻن يا ڪانن مان شيون ناهيندڙ، ڪچيون ڇتيون ناهيندڙ ڪاريگر.

Thatcherism (ٿئچرزم) **n.** the policies and style of government associated with Margaret Thatcher, British prime minister, (مار گريٽ ٿيچر جو) حڪومت ڪرڻ وارو انداز ۽ طريقو.

thatching (ٿئچنگ) **n, adj.** the act or art of covering with thatch; materials used for thatching; the development of thatch in grass, ڪانن سان ڇتيون ناهڻ، گاهہ ۽ ڪاٺ سان ڇتيون ناهڻ جو هنر، ڇپر ٻڌڻ، ڇن ناهڻ، چونئري جي ڇت گاهہ ۽ ڪانن سان مڙهڻ.

thaumato- or **thaumat-** (ٿاماٽو) combining form : denoting - wonder or miracle, معجزو، اسرار، ڪرامت، رنگ، حيرت، اچرج، تعجب، عجب، ڪرامت، حيراني، عجب اسرار، آچمبو، ڪمال، عجب جهڙي شيء، عجب جهڙي ڳالهہ.

thaumatin (ٿامٽن) **n.** a sweetener extracted from a W African fruit, 2000 to 4000 times sweeter than sucrose, ميوي مان حاصل ڪيل مٺاڻ، ميون جي کنڊ، تمام تيز مٺاڻ وارو مادو.

thaumatogeny (ٿاميٽو جني) **n.** the doctrine of the miraculous origination of life, حياتي جي شروعات جو اسرار يا عجب وارو مٿو.

thaumatography (ٿاميٽو گرافي) **n.** description of natural wonders, قدرتي اسرارن جو بيان، معجزن بابت وضاحتون.

thaumatolatry (ٿاميٽو ليٽري) **n.** wonder-worship, اسرارن جي پوڄا ڪرڻ، عجيب شين کي خدا سمجهڻ.

thaumatology (ٿاميٽلاجي) **n.** the study of, or a written study on, miracles, اسرارن جو اڀياس، قدرتي طور ٿيندڙ شين جو مطالعو، معجزاتي مسئلن جو اڀياس.

thaumatrope (ٿاميٽروپ) **n.** an optical toy in which pictures on both sides of a card are seen to combine when the card is rotated rapidly, ڪاغذ جي مورتي، ڪاغذ جنهن کي گول ڦيرائڻ سان ٻنهي پاسي ساڳي صورت نظر اچي.

thaumaturge (ٿاميٽرج) **n.** a wonder-worker; magician, بازيگر، نظربندي ڪندڙ، جادوگر.

thaumaturgics (ٿاميٽرجڪس) **n.pl.** the performance of magic tricks using sleight-of-hand, etc, جادوگري ڏيکارڻ، نظر بنديء وارا ڪرتب ڪري ڏيکارڻ، هٿ ناٽ ڪرڻ.

thaumaturgus (ٿاميٽرجس) **n.** a wonder-worker, a thaumaturge; a worker of miracles, applied to certain saints, جادوگر، نظربندي ڪندڙ، اسرار ڏيکاريندڙ.

thaumaturgy (ٿاميٽرجي) **n.** the performing of miracles; miracle working; magic; legerdemain. جادو، سحر، ڪامڻ، طلسم، نظربندي.

thaumasite (ٿاميسائيٽ) **n.** a mineral, hydrated silicate, carbonate and sulphate of calcium, معدني ڌاتو.

thaw (ٿا) **vi, vt, n.** to melt, as ice or snow; to become so warm as to melt ice; to become less cold, stiff or reserved in manner; to cause to melt; the melting of ice or snow; warmath after frost; the change of weather that causes it; an increase in relaxation, a lessening of control; an increase in friendliness of manner, برف ڳرڻ، رجڻ، پاڻي ٿيڻ، پگهرڻ، ڳارڻ، پگهرائڻ، وري ڪلڻ، ڳالهائڻ، وڌيڪ سهوليتون ڏيڻ، بندش گهٽائڻ، موسم جو بدلجڻ، دوستيء وارو طريقو اختيار ڪرڻ، گرميء جي مند، تعلق بحال ڪرڻ، تعلق ۾ گرم جوشي اچڻ.

thawer (ٿاير) **n.** an ice-melting agent or apparatus, برف رجائيندڙ اوزار يا مادو.

thaw out (ٿا آئوٽ) to return from frozen to normal condition, برف يا ڄميل حالت مان عام حالت ۾ اچڻ.

thawy (ٿائي) **adj.** inclined to thaw, ڳرندڙ، پگهرجندڙ.

the[1] (دَ يا دي) (before vowels) called the definite article, used to refer to a particular person or thing, or a group of things, already mentioned, implied or known; used to refer to a unique person or thing; used before a singular noun to refer to all the members of that group or class; used before a singular noun to denote a species; used before certain

titles and proper names; used before an adjective or noun describing an identified person; used before a preposition to refer to a unit of time, quantity; used before a noun denoting a profession or activity; the best; my, our; used instead of the pfx to-, this, اهو، هو، اڳ ذڪر ڪيل، جيترو، اوترو، اڳ ڏسيل، خاص ماڻهو، بڌايل ماڻهو يا ڳالهه. ڪنهن خاص ماڻهوءَ يا معاملي بابت. ڪنهن خاص ماڻهوءَ بابت. ڪنهن هڪ جنس بابت. خاص عهدن، لقبن يا خطابن بابت. اسم يا صفت ڪان اڳ استعمال وارو لفظ. جدا ڪري بيهاريندڙ، ظاهر ڪندڙ، نروار ڪندڙ، ڏنڌي يا عهدي جي وضاحت ڪندڙ.

the[2] (دَ - دي) **adv.** (with comparatives) (by) how much; so much; used before superlative adjectives and adverbs to indicate an amount beyond all others, ڪيترو، هيترو، ٻين کان گهڻو، ٻين سڀني ڏسيل رقمن کان وڌيڪ.

Thea (ٿي) **n.** the tea genus of evergreen plants, giving name to the family Teaceae, related to the Guttiferae, جنس چانهه، چانهه جنس جا ٻوٽا.

theandric (ٿينڊرڪ) **adj.** divine and human at the same time, بشر ۽ نور جي هڪ هنڌ يا هڪ انسان ۾ موجودگي، ڪرسٽ ۾ آ لوهيت ۽ انسان جي ميلاپ جو سنڌو.

theanthropic (ٿينٿروپڪ) **adj.** simultaneously divine and human; embodying deity in human forms, اهو عقيدو تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي ذات الله تعاليٰ جو مظهر هئي، عيسائين جو نور ۽ بشر جو عقيدو.

theanthropism or **theanthropy** (ٿينٿرو پزم، ٿينٿروپي) **n.** the ascribing of human qualities to deity, or divine qualities to man; the state of being God and man. بشر ۽ نور جو بيان ۽ عقيدو، بشر ۽ نور جي موجودگيءَ جو اصول، هڪ جسم ۾.

thearchy (ٿيرچي) **n.** rule or government by a God or gods, theocracy; a body of divine rulers, ديوتائن جي حڪومت، خدائن جي حڪومت، ديوتائن جو راڄ.

theatre or **theater** (ٿيئيٽر) **n.** a house or structure for drama or other spectacles; a cinema; any natural land formation backed by a curing hillside or rising by steps like seats of a theatre; a building or room with tiered seats, which is adapted for lectures, anatomical or surgical demonstration; an operating theatre; a scene of action, field of operations; the social unit comprising actors, theatre companies, producers or its characteristic environment and conditions; an audience, house; plays or a specified group of plays, collectively; the writing and production of plays; material or method judged by its suitability for a dramatic presentation, کيل گهر، ناٽڪ (ڪرڻ لاءِ) جڳهہ، آکاڙو، رنگ ڀومي، ٿيٽر، نمائشگاهہ، ٿيٽر، تماش گهر، ناٽڪ شالا، ناچ گهر، (جنگ جو) ميدان، وياکيان، سنئيما، عمل جو ميدان، راند جو ميدان، راند يا جنگ جو منظر، جنگ وارو علائقو، ڊرامو ۽ اُن ۾ حصو وٺندڙ اداڪار ۽ ٻين واسطيدار ماڻهن جو ٽولو، تماشبين، تماشو ڏسڻ وارا، ڊراما، ڊرامن پيش ڪرڻ واريون ضرورتون، ڊرامن لاءِ مناسب بيهڪ يا مناسب مواد.

theatre-goer (ٿيئيٽر گوئر) **n.** a person who regularly goes to the theatre, ٿيٽر يا ناٽڪ ڏسڻ جو شوقين.

theatre of fact (ٿيئيٽر آف فيڪٽ) **n.** a branch of drama using material closely based on real happenings, اصل ڪهاڻيءَ تي ٻڌل ڊرامو يا ناٽڪ.

theatre of the absurd (ٿيئيٽر آف دي ابسرڊ) **n.** a branch of drama dealing with fantastic deliberately unreal situations, in reaction against the tragedy and irrationality of life, غير حقيقي ڳالهين تي ٻڌل ناٽڪ.

theatre organ (ٿيئيٽر آرگن) **n.** a cinema-organ, سينيما جو واڄو.

theatre sister (ٿيئيٽر سسٽر) **n.** a sister in charge of the nursing team in an operating theatre, آپريشن واري ڪمري جي انچارج يا مکيہ نرس.

theatre weapons (ٿيئيٽر ويپنس) **n.** weapons for use in a theatre of war (as opposed to intercontinental or strategic weapons), applied esp to nuclear weapons intended for use in Central Europe, لڙائي يا ويڙهہ لاءِ هٿيار، يورپ ۾ استعمال لاءِ جنگي ساز و سامان، جن ۾ هاڻ ۽ جوهري هٿيار سڀ شامل آهن، جنگي اسباب.

theatric or **theatrical** (ٿيٽرڪ آر ٿيٽريڪل) **adj.** pertaining to or suitable to, or savouring of, the stage, actors or acting; stagy; histrionic, melodramatic, exaggerated; aiming at or producing dramatic effects; of, in or for the cinema, نمائشي، ناٽڪي، نمائش ڳامي، ڏيکاٽو، ناٽڪ گهر جو، ناٽڪين جو، ٽٽن لائق، کيل، ناٽڪ، ناٽڪين وانگر، ناٽڪائو، مزيدار، کيل خوشيءَ جو، وڏاءَ وارو.

theatricalize (-s-) (ٿيٽريڪلائيز) **vt, vi.** to adapt to dramatic representation; to make stagy; to act; to attend the theatre, ڊرامي لاءِ مواد تيار ڪرڻ، ڪهاڻي کي ڊرامي جي شڪل ڏيڻ، اداڪاري ڪرڻ، ناٽڪ يا تماشي ۾ حصو وٺڻ.

theatricals (ٿيئيٽريڪلس) **n.pl.** dramatic performances; theatrical affairs, properties or people, ناٽڪي اداڪاري، ناٽڪي ڪم يا بجا آوري، اداڪاري، اداڪاريءَ جا ڍنگ.

theatricism (ٿيٽريسزم) **n.** theatricality, affectation, staginess, اداڪاريءَ جو فن، اداڪارن جي مهارت، اداڪاريءَ جا

ڍنگ ڍکر.

theatricize (ٿيٽر يسائيز) **vi.** to play a part, ڪو ڪردار ڪرڻ، اداڪاري ڪرڻ، ڊرامي ۾ حصو وٺڻ.

theatrics (ٿيٽرڪس) the staging of plays, or the art of doing this; histrionics, ناٽڪ، تماشو، کيڏڻ، کيڏڻ جو فن، ڊرامو، ڊرامي ۾ حصو وٺڻ، اداڪاري ڪرڻ.

theatromania (ٿيٽرو مينيا) **n.** a craze for play-going, ناٽڪ ڏسڻ جو مرض.

theatrophone (ٿيٽروفون) **n.** a telephone connecting callers to a theatre so they can listen to a live performance there, ناٽڪ گهر سان لاڳاپيل فون جو سلسلو (جيئن گهر ويٺي مقالا ٻڌي سگهجن)

theave (ٿيو) **n.** a young ewe, esp in its first year, رڍ جو ٻچو، ننڍڙي رڍ، هڪ سال کان ننڍي رڍ.

thebaic (ٿي بي ئڪ) **adj.** of Egyptian Thebes; of opium (as an Egyptian product), آفيمي، آفيم مان ٺهيل.

thebaid (ٿي بَيڊ) **n.** a poem on the Seven against Thebes; the district of Thebes (Egyptian or Greek), (مصر جي علائقي ٿيبس جو) شعر، بيت، گيت، شاعري.

Theban (ٿيبن) **adj, n.** of Thebes; a native of Thebes; a Boeotian, ٿيبس جو (مصر جي علائقي جو) باشندو ۽ قوم.

Theban year (ٿيبن ييئر) **n.** the Egyptian year of 365 days, ٽي سؤ پنجهٺ ڏينهن جو مصري سال.

Thebes (ٿيبس) **n.** a city of ancient Boeotia, in Greece; a city of ancient Egypt, آڳاٽي مصر(۽ يونان) جو شهر ٿيبس.

theca (ٿيڪا) **n.** a sheath; case or sac; a spore-case of ferns, mosses and other cryptogams; a lobe or loculus of an anther, ڪوث، ڳوٿري، ٿيلهي، پوش، غلاف.

thecal (ٿيڪال) **adj.** of a theca, غلاف جو، پوش جو.

thecate (ٿيڪيٽ) **adj.** having a theca, غلافي، پوشدار.

Thecla (ٿيڪلا) **n.** the hair-streak genus of butterflies, پوپٽن جي جنس، رونئيندار پوپٽ، واردار پوپٽن جو جنسون.

thecodont (ٿيڪاڊنٽ) **n, adj.** an extinct reptile of the Triassic period having teeth set in sockets; (of mammals) having teeth set in sockets, غلافي ڏند، اڳوڻي زماني جا ڇاڙيدار ڏندن وارا جانور، جيئن اڳوڻي زماني جا واڳون ۽ ڪير پيارينڊڙ جانور.

thee[1] (ڏي) **pronoun, vt, vi.** the objective and dative or accusative form of thou; the nominative form of thou; to use thee in speaking to someone; to use thee, توکي، تنهنجو، توکي ڪري سڏڻ، توکي چوڻ، توکي اکر جو استعمال ڪرڻ.

thee[2] (ڏي) **vi.** to prosper, to thrive, وڌڻ ويجهڻ، سائو ٿيڻ، شاهوڪار ٿيڻ.

theft (ٿيفٽ) **n.** (the or an) act of thieving; act of stealing; a thing stolen, چوري، چوري ڪرڻ، چوري ٿيل شيء، چوريء جو عمل.

theft boot or **theft-bote** (ٿيفٽ بوٽ) **n.** illegal compounding of a theft, چوري ڪيل شيء جو معاملو غير قانوني طرح حل ڪرڻ، (ڏِنگ ڏيڻ، وٺڻ)

theftuous (ٿيفٽيو ئس) thievish, چوريء جهڙو، چور، هادي چور.

theic (ٿيئڪ) **n.** a person who drinks too much tea or who suffers from theism, گهڻي چانهه واپرائيندڙ، گهڻي چانهه پيڻ ڪري روڳيل.

theine or **thein** (ٿيائين) **n.** an alkaloid or bitter principle found in tea, coffee etc. identical with caffeine, چانهه ۽ ڪافيء ۾ ملندڙ هڪ ڪيميائي مادو.

their (ڊيئر) **pron, adj.** pertaining or belonging to them; his or her, هنن جو، سندن، سندس، هُن جو.

theirs (ڊيئرس) **pronoun** (a double genetive) used predicatively or absolutely, a person or thing that belongs to them, سَندن، هنن جو، انهن جو.

theism[1] (ٿيئزم) **n.** a morbid state resulting from too much tea-drinking, گهڻي چانهه واپرائڻ ڪري روڳ.

theism[2] (ٿيئزم) **n.** acknowledgement of the existence of God with or without a belief in a special revelation; belief in gods. هڪڙي خدا تي يقين، موحد، آستڪ، ايشور واد، آستڪيه واد، آستڪ سنبنڌي، توحيد پرستي.

theist (ٿيسٽ) **n.** one who believes in the existence of a God. الله کي مڃيندڙ، الله جي موجودگيء جو قائل، توحيد جو حامي، خدا پرست، معتقد خدا.

theistic or **theistical** (ٿيسٽڪ آر ٿيسٽيڪل) **adj.** pertaining to theism or to a theist. آستڪ سنبنڌي، خدا کي مڃيندڙن جي باري ۾، الله جي اعتقادين بابت.

thelement (ٿيليمينٽ) **n.** the element, عنصر، جُز، جُزو، ذرو، تت.

thelef (ڊيلف) **n.** the elf, ڀُوت، پري، حرڪتي مائهو.

thelytoky (ٿلتڪي) **n.** parthenogenetic production of female offspring only, رڳي مادي ٻچن جي پيدائش.

them (ڊيم) **pron.** the dative and accusative form of they; themselves; those, هنن کي، کين، انهن کي، هُو، اهي.

them and us (ڊيم اينڊ آس) any of various pairs of groups in society, such as management and workforce, considered to be in opposition to each other, هنن کي ۽ اسانکي، مخالف ڌريون، هوء اسان، مالڪ ۽ نوڪر، سيٺ ۽ مزدور وغيره.

thematic (ٿيميٽڪ) **adj.** pertaining to a theme; (of philately) concerned with collection of sets show-

ing flowers, or birds etc; (of a vowel) not forming part of the root of a word, nor part of any inflection or suffix; (of a word) forming the major constituent of a sentence, خاص. ڪنهن هڪ مضمون هيٺ. مضمون بابت لکيون. (ٽڪليون) ڪنهن به هڪ شيء يا صنف بابت. (اچار) لفظ جي بناوت مطابق نه پر مقصد مطابق. (لفظ) جيڪو جملي جو مقصد هجي.

theme (ٿيم) **n, adj, vt.** a subject, topic, set etc proposed for discussion, or spoken or written about; a recurrent idea in literature or art; subject, a short melody developed with variations or otherwise (music); the stem of a word without its inflexions; a thesis, a brief essay or exercise; a ground for action; planned around or having a certain subject; to decorate or equip, بحث مباحثي لاء مقرر ڪيل ڳالهه. مضمون. وشش. بحث لاء نقطو يا مضمون. لئيو مضمون. سينگارڻ. ساهن. سنباهن. سنيراڻ. موسيقي جي خاص ڌن. مقالو. مفصل مضمون. مفصل جواب. عمل جو سبب. ڌڪي جي وجهه. ڪنهن خاص مسئلي يا مضمون بابت.

theme park (ٿيم پارڪ) **n.** a large area with displays, fairground, rides; all devoted to or based on one subject, ڪنهن به هڪ شيء يا هڪ مضمون تي ٻڌل پارڪ يا ولدر جو علائقو يا خاص مقصد.

theme song (ٿيم سانگ) **n.** a melody that is repeated often in a musical drama, film, or radio or television series, and is associated with a certain character, idea, emotion; a signature tune; a person's characteristic, often repeated, complaint etc, هڪ ئي مضمون يا معاملي بابت گيت. هڪ ڌن جيڪا فلم يا ڊرامي ۾ گهڙيءِ گهڙيءِ دهرائبي رهبي آهي. فلم جي ڌن. اهڙي موسيقي جيڪا ڪنهن خاص موقعي جي مناسبت سان تيار ڪئي وئي هجي.

Themis (ٿيمس) **n.** the Greek goddess of law and justice, ٿيمس. يوناني قانون ۽ انصاف جي ديوي.

themselves (ديم سيلوز) **pron. pl.** of himself or herself, اهي پاڻ. هو پاڻ. خود. پاڻ. پنڊ.

then (دين) **adv, adj, n.** at that time, past or future; afterward, after that; immediately; at another time; further, again; on the other hand; at the same time; for that reason, therefore; in that case, used to continue a narrative after a break or digression; used esp at the end of the questions which ask for an explanation, opinion, or which ask for or assume agreement; being at that time; that time, تڏهن. تہ. پوء. تنهن کانپوء. تنهن مهل. تڏهين. ڪڏهين. وري. بعضي بعضي. انهيءَ حالت ۾. ان کانپوء. جلدي. مٿان.

ٻئي وقت تي. لئين سر. ساڳيءَ وقت. ساڳي سبب. تنهن ڪري. تنهن سبب. ڳالهه کي اڳتي وڌائڻ لاء درميانو لفظ.

thenar (ٿينار) **n, adj.** the palm; the ball of the thumb; the sole, چنبو. هٿ جي تري. آڱوٺي جو وڏو حصو يا پهرين ڳري. پير جو ترو.

thence (ڊينس) **adv.** from that place or time; from those premises; from that time; from that cause; for that reason, اتان. هتان. اتان وٺي. هُتون. تهان. اتائنون. اتهان. هتائين. ان وقت کان. ساڳي وقت کان. ساڳي سبب. ان جاء کان. ان هنڌ کان. ان سبب. ان وجهه.

thenceforth or forward (دينس فورٿ آر فارورڊ) **adv.** from that time forward; from that place onward, تنهن کانپوء. تڏهانکر. تڏهوکو. تڏهاکو. تنهن وقت کان وٺي. ان جاء کانپوء.

theo- (ٿيو) combining form : denoting - God, ديوتا. اوتار.

theocentric (ٿيو سينٽرڪ) **adj.** having God as its centre, ديوتا مرڪزي .

theocracy (ٿيو ڪريسي) **n.** that constitution of a state in which God, or a god, is regarded as the sole sovereign, and the laws of the realm as divine commands rather than human ordinances, the priesthood necessarily becoming the officers of the invisible ruler; government by the immediate direction of God; the state governed in this way, مذهبي ماڻهن جي حڪومت. برهمڻن جو راڄ. خدائي راڄ. ڏٿيءَ جي حڪومت. مذهبي مٽن تي مبني حڪومت يا آئين.

theocrasy (ٿيو ڪريسي) **n.** a mixture of religions; the identification or equating of one god with another or others; intimate union of the soul with God in contemplation; a mystic union of the soul with God reached through profound contemplation, مختلف مذهبن تي مبني. مختلف ديوتائن کي هڪ ٻئي سان پيئائڻ. برهم گيان. سچي سروپ جي سڃاڻپ.

theocrat (ٿيوڪريٽ) **n.** a divine or deified ruler, مذهبي حڪمران (جيئن پيغمبر يا خليفو).

Theocritean (ٿياڪراٽئن) **adj.** after the manner of Theocritus, the greatest of Greek pastoral poets; pastoral, idyllic, يوناني شاعر ٿيوڪراٽس جي، نموني مطابق.

theodicy (ٿيوڊِسي) **n.** a vindication of the justice of God in establishing a world in which evil exists, الله تعاليٰ جي ڏنل قانونن کي نافذ ڪري ڏوهن تي قابو پائڻ.

theodolite (ٿيوڊو لائيٽ) **n.** a surveying instrument for measuring horizontal and vertical angles, consisting of a small telescope able to move both hori-

zontally and vertically, أبي لهواري ڪنڊ ماپ اوزار، خط بين، اوچائي، مفاصلي ماپڻ جو اوزار، ڪنڊ نما، دوربينيءَ جهڙو اوزار جنهن سان سروي واريون ماپون ڪيون وينديون آهن.

theogony (ٿيوگني) n. the birth and genealogy of the gods; an account of this, eg in poetry, ديوتائن جي پيدائش ۽ أنهن جو شجرو، ديوتائن بابت شاعري.

theogonist (ٿيوگونسٽ) n. a writer on theogony, ديوتائن جا شجرا ٺاهيندڙ، شاعري ڪندڙ.

theogramine (ٿيئا گرمين) n. an alkaloid obtained from the chocolate seed, used in medicine, چاڪليٽ جي ٻج مان حاصل ڪيل طبي مادو.

theogroma (ٿيئو گروما) n. the chocolate or coca genus of Sterculiaceae, چاڪليٽ يا ڪوڪو جنس جا ٻوٽا.

theologaster (ٿيولاگسٽر) n. a shallow theologian, معمولي حڪيم، ڌرم شاستر ويتا، ٺڙڪو مذهبي رهنما.

theologian or **theologist** (ٿيولاجئن آر ٿيئولاجسٽ) n. a student of, or a person well versed, in theology; a divine, a professor of or writer on divinity, esp in RC usage, a theological lecturer attached to a cathedral or collegiate church, برهم گيان، ويدانتي، عالم الاهيات، عالم دين، فقيه، آخوند، حڪيم، ڌرم شاستر ويتا، آچاريہ، عالم.

theologize (-ise) (ٿيولوجائيز) vt, vi. to render theological, to treat theologically; to discourse, speculate, on theology, ويدانتي سمجهڻ يا بنائڻ، مذهبي تعليم يا مذهبي متن مطابق ترتيب ڏيڻ.

theologoumenon (ٿيولوگومننون) n. theological statement, esp as opposed to divine revelation or an inspired doctrine, وحيءَ رستي آيل علم تي مذهبي عالمن طرفان ٺاهيل تفسير، اخلاقي گفتا.

theologue (ٿيولاگ) n. a theologian; a theological student, برهم گيان، ويدانتي، آچاريہ، حڪيم، آخوند، عالم.

theology (ٿيولاجي) n. the study of God, religion, divine things and revelation; divinity; a system of theological doctrine; a system of principles, esp one rigidly adhered to, دينيات، علم دين، تهذيب، علم خدائي، علم معرفت، برهم گيان، ايشور وديا، فقه، حڪمت الاهي، اخلاقي علم جي ڄاڻ، اخلاق جي تعليم ۽ تربيت.

theomachy (ٿيامڪي) n. war among or against the gods, as in Greek mythology, by the Titans and giants; opposition to the divine will, ديوتائن جي جنگ، مذهبي معاملن ۾ هڪ ٻئي جي مخالفت، مذهبي علمن يا تربيت جي مخالفت، پلاڪي ۽ بديءَ جي وچ ۾ جنگ.

theomancy (ٿيومنسي) n. divination by means of oracles, or of persons directly inspired immediately by some divinity, اڳ ڪٿيون ڪرڻ، ديوتا وسيلي ڳجها راز معلوم ڪرڻ، قدرتي ڳالهين جي اڳواٽ ڄاڻ ڏيڻ.

theomania (ٿيو مينيا) n. religious madness; belief that one is a god, پاڻ کي خدا سمجهڻ، سڏائڻ، ديوتا سمجهڻ، مذهبي چرياپ، عبادت ڪندي رهڻ جو سوداء، شوق خدائي.

theomorphic (ٿيومارفڪ) n. having the form or likeness of a god; in the image of God, ديوتا شڪل، الله جو اوتار، اوتار صورت.

theonomy (ٿيونامي) n. government or rule by God; the state of being to ruled, اِلاهي حڪومت، مذهبي يا حڪمن مطابق حڪومت.

theopaschite (ٿيئو پسڪائٽ) n. Monophysite, believing that God had suffered and been crucified, هڪ پراڻو عقيدو تہ الله تعاليٰ بہ تڪليف ۾ رهيو هو ۽ صليب تي چاڙهيو ويو هو.

theopathy (ٿيو پٿي) n. a religious emotion aroused by meditation about God, وجد، الاهي ڌيان، گيان جذبو.

theophagy (ٿيو فيجي) n. the sacramental eating of a god, ديوتا جي قرباني.

theophany (ٿيو فيني) n. a manifestation or appearance of deity to man, ديدار الاهي، تجلي، ديوتا جو انسان تي مهربان ٿيڻ، پاڻ ڏيکارڻ، درشن ٿيڻ، اوتار ٿيڻ.

theophilanthropy (ٿيوفلنٿ ٿراپي) n. a deistical system of religion drawn up under the French Directory in 1796, and designed to take the place of Christianity, خدا ۽ ان جي مخلوق سان پيار ڪرڻ بابت هڪ نقلي مذهبي اصول، هڪ مذهب جيڪو عيسائيت جي مقابلي ۾ آندو ويو هو.

theophobia (ٿيو فوبيا) n. morbid fear of God; hatred of God, الله تعاليٰ جو ڊپ، خوف خدا، الله تعاليٰ کان نفرت، خدا بيزاري.

theophoric (ٿيوافورڪ) adj. derived from or bearing the name of a god, ديوتائي، الاهي، رهباني.

theophylline (ٿيو فائلين) n. an isomer of theobromine found in tea, used in medicine, چانهہ مان ملندڙ طبي مادو، ڪنگهہ جي دوا، طبي مادو، جيڪو ڪنگهہ جي دوا ۾ استعمال ٿيندو آهي.

theopneust or **theopneustic** (ٿيوپنسٽ، پنسٽڪ) adj. divinely inspired, وحيءَ رستي مليل، الاهي عطا ٿيل.

theopneusty (ٿيوپناسٽي) n. divine inspiration, وحيءَ رستي مليل اصول، مذهب، روحاني طور حاصل ڪيل.

theorbo (ٿيوآربو) n. a large double-necked bass lute, the second neck carrying bass strings, ساز، تارن وارو ساز.

theorem (ٿيورم) **n.** a demonstrable or established but not self-evident principle; a proposition to be proved by reasoning. مسئلو، قانون، اصول، سذيان، قاعدو، اثباتي شڪل، نظري مسئلو، ثابتيءِ طلب، ليڪ، پرمپي اپادي، اصول جيڪو اڳتي هلي ثابت ڪرڻو پوي.

theoretic or **theoretical** (ٿيوريٽڪ، ٿيوريٽيڪل) **adj.** based on, or pertaining, according, to theory; speculative; not practical; نظري، نظرياتي، خيالي، علمي، آنمالي، ڪالپنڪ، قياسي، غير عملي، سُوتر آتمڪ، مانسڪ.

theoretician (ٿيئريٽي شن) **n.** a person who is concerned chiefly with the theoretical aspect of a subject, نظريات دان، الوماني، صاحب قياس، نظرئي ڪار.

theorist (ٿيورسٽ) **n.** a theorizer; one given to theory and speculation, to the invention of theories; one who is expert in the abstract principles of a subject, الوماني، صاحب قياس، نظرئي ڪار، اصول دان، قياس ڪندڙ، مضمون ۾ ماهر ماهر نظرئي دان.

theorize (-ise) (ٿيورائيز) **vi.** to form a theory; to form opinions solely by theories; to speculate, قياسي اصول قائم ڪرڻ، قياس ڪرڻ، خيال ڄوڙائڻ، اندازو ڪرڻ سوچڻ، ويچارڻ، قياس ڄوڙائڻ، لکڻ، ساٽا هڻڻ.

theory (ٿيوري) **n.** an explanation or system of anything; an exposition of the abstract principles of a science or art; speculation; an idea or explanation which has not yet been proved, a conjecture; a speculation as opposed to practice; an ideal, hypothetical or abstract situation; ideal, hypothetical or abstract reasoning, مَتَ، الومان، اصول، خيال، نظريو، قياس، متو، قاعدو، مفروضو، واد، وديا، علم، ثابتي طلب نظريو، ڏڪو، اٽڪل، اندازو، خيالي نمونو، خيالي ڪمال، قياسي حالت.

theosophist (ٿيو سافسٽ) **n.** a person claiming divine wisdom; a person gifted with foresight, alongwith abnormal control over natural forces. علم الاهي رکندڙ، برهم وديارٿي، غير انساني قوتن جو حامل انسان.

theosophistical (ٿيو سافسٽيڪل) **adj.** theosophical; sophistical in theology, خدائي ڳالهين بابت، مذهبي معاملن بابت، اخلاقيات بابت.

theosophy (ٿيوسافي) **n.** divine wisdom; direct divine illumination or inspiration claimed to be possessed by specially gifted people, along with abnormal control over natural forces; the system of doctrine expounded by the Theosophical Society, عرفان، وجدان، عرفانيت، برهم وديا، علم الاهي، ٿياسافي، خدائي ڳالهين جو علم، مذهبي معاملن تي عمل جا اصول.

theotechny (ٿيوٽيڪني) **n.** the employment of gods as the machinery or moving forces of a poem, گيت ذريعي ديوتائن جي ڪارنامن جو ذڪر ڪرڻ.

Theotokos (ٿيوٽوڪوس) **n.** the mother of god, a title of the Virgin Mary repudiated by Nestorius, accepted by the council of Ephesus, ديوتا جي ماءُ، بيبي مريم تي رکيل هڪ نالو.

theow (ٿاٿو) **n.** a slave, غلام، داس، گولو، ٻانهو، مطيع، تابعدار.

ther-, Their-, therio- or **thero-,** (ٿر، ٿيئر، ٿيرئو، ٿيرو) combining form : denoting - beast, mammal, وڏي قد بت وارو جانور، چوپايو، کير پياريندڙ جانور، جهنگلي جانور، وحشي جانور.

theralite (ٿيرا لائٽ) **n.** a holocrystalline igneous rock composed essentially of plagioclase, nepheline and augite, معدني ڌاتو، مرڪب معدني ڌاتو.

Therapeutae (ٿيراپيوٽي) **n.** a traditional ascetic sect, allied to the Essenes, living chiefly near Alexandria in the 1c AD, هڪ مذهبي فرقو جيڪو پهرئين صديءِ عيسويءَ ۾ سرگرم ٿيو هو.

therapeutic (ٿيرپيوٽِڪ) **adj.** pertaining to the healing arts; curative; of or relating to the curing of disease; contributing towards or performed to improve health or general well-being, علاج، علاج معالج، شفا بخش، علاجي، شفائي، چڱائيندڙ، علاج جو علم، علم معالجه، آڙڪد وديا، دافع مرض، دوائون ڪم آڻڻ جو طريقو.

therapeutics (ٿيراپيوٽِڪس) **n.sing.** that part of medicine concerned with the treatment and cure of diseases, اڙڪد وديا، دوائن جو بيان، دوائن ذريعي علاج، علم طب، علم علاج، علم معالج، بيمارين جو علاج، ڊاڪٽري علاج.

therapeutist (ٿيراَپيوٽسٽ) **n.** one skilled in therapeutics, وَڪڻ وديا جو ڄاڻو، طبيب، معالج، ڊاڪٽر، حڪيم، ويج

therapist (ٿيراپسٽ) **n.** one who practices therapy of a particular kind, طبيب، معالج، حڪيم، ڊاڪٽر، ويج.

therapsid (ٿرپسڊ) **n.** a member of the Therapsida, an order of extinct reptiles of the Permian and Triassic periods, showing many mammal-like features and thought to be the ancestors of the mammals, ريڙهيون پائيندڙ جانورن جو سلسلو، اڳوڻي وقت جا کير پيارينڊڙ اجگر جانور، اژدها، ارڙ جانور جن لاءِ سمجهيو وڃي ٿو تہ موجوده جانورن جا شروعاتي ابا ڏاڏا آهن.

therapy (ٿراپي) **n.** the treatment of physical or mental diseases and disorders by means other than sur-

gery; treatment used to combat a disease or an abnormal condition; therapeutics; curative power, علاج، طريقہ علاج، شفائي علاج ورتاءُ، دوائن رستي بيمارين جو علاج ڪرڻ، بنير جراحيءَ جي علاج، چڱائڻ يا شفا ڏيڻ جي قوت.

Theravada (ٿروادا) **n.** the doctrines of the Hinayana Buddhists, ٿروادا، ٻڌن جي هڪ فرقي جا مذهبي اصول.

therblig (ٿربلگ) **n.** a unit of work into which an industrial operation may be divided, صنعتي ڪم جي ورهاست جو ايڪو، جنهن مطابق ڪم جي ورهاست ٿي سگهي.

there (ديئر ڏر) **adv, n.** in or at that place; at that point; thither; to that place; in that respect; used without any meaning of its own to allow the subject to follow the predicate, and also in corresponding interrogative sentences; that place; expressing reassurance, sympathy, satisfaction, approval, encouragement, finality, accompanying a blow, to comfort, ھَتي، اتي، تتي، اجهو، هَن هنڌ، تت، ات، ڪنهن سمي ۾، انهيءَ ڳالهہ جو، طهليبو، تخميني، سبب، اوڏي، لفظ جيڪو سوالي جملا ناهڻ ۾ ڪم اچي، آئت ٿيڻ، منظوري يا قبوليت، تعريف ڪرڻ، آسرو ڏيڻ، مچڻ.

there-about or **thereabouts** (ديرِ ابائوٽ) **adv.** about or near that place; near that number, quantity, degree or time, تخميني روءِ، الڪل اوترو، الڪل ان وقت، وقت، اندازَ يا حالت مطابق ڪيل اندازو.

thereafter (ديئر آفٽر) **adv.** after or according to that; accordingly, ان کان پوءِ، انهيءَ کان پوءِ، تنهن کانپوءِ، ان موجب، تنهنڪري.

thereanent (ديئر اينٽ) **adv.** concerning that matter, ان معاملي جو، ڏسيل معاملي بابت.

thereat (ديئر اٽ) **adv.** at that point, place or occurrence; on that account, تنهن تي، انهيءَ سبب، اتي، اوڏي، انهيءَ موجب.

thereaway (ديئر اوي) **adv.** in that direction; thereabout, انهيءَ طرف، انهيءَ رخ، اوڏانهن.

thereby (ديئر باءِ) **adv.** beside that; about that amount; by that means; in consequence of that, انهيءَ ڪانسواءِ تقريباً ان رقم جيترو، انهيءَ وسيلي، ان وسيلي سان، تنهنڪري، انهيءَ سبب، اتي، انهيءَ سان لاڳو.

therefore (ديئر فور) **adv.** for that reason; consequently, تنهن ڪري، تنهن لاءِ، انهيءَ ڪري، انهيءَ سبب.

therefrom (ديئر فرام) **adv.** from that, اتان، انهيءَ تان، انهيءَ منجهان.

therein (ديئر ان) **adv.** in or into that or it; indoors, ان ۾، اتي، منجهہ، اندر، گهر ۾.

thereinafter and **thereinbefore** (ديئر ان آفٽر) **adv.** later or from this point, and earlier or up to this point in the same document, ان کانپوءِ، ان وقت کان اڳ يا پوءِ، ڏنل بيان کان اڳ يا پوءِ.

thereinto (ديئر انٽو) **adv.** into that place, thing, matter, etc, اتي، انهيءَ هنڌ، ان ڳالهہ ۾، ان معاملي ۾، ان مسئلي ۾.

thereof (ديئر آف) of that; from that, ان جو، ان منجهان، ان مان، ان جي باري ۾.

thereon (ديئر آن) **adv.** on that, ان تي، انهيءَ تي.

thereout (ديئر آئوٽ) **adv.** out of that; out of doors, ان مان، ان کان ٻاهر، کلي جڳهہ ۾، گهر کان ٻاهر.

therethrough (ديئر ٿرو) **adv.** through that; by that means, انهيءَ مان، ان وسيلي، ان حالت ۾، ان طريقي.

thereto or **thereunto** (ديئر ٽو يا ديئر انٽو) **adv.** to that; in addition, انهيءَ سان، ان ڪانسواءِ.

theretofore (ديئر ٽو فور) **adv.** before that time, انهيءَ وقت کان اڳي.

thereunder (ديئر انڊر) **adv.** under that, انهيءَ هيٺ.

thereunto (ديئر انٽو) **adv.** to that, انهيءَ سان، اوستائين.

thereupon (ديئر اپان) **adv.** upon that; immediately; in consequence of that, تنهن تي، ان بعد، جلدي، انهيءَ ڪري.

therewith (ديئر وٿ) **adv.** with that; thereupon; for that reason, انهيءَ سان، هتڪي، هِنڪي، انهيءَ سبب انهيءَ ڪري.

therewithal (ديئر وِٿل) **adv.** with that; immediately after; in addition, تنهنکان سواءِ، ان سان گڏ، ان کانپوءِ جلدي، انکان پوءِ ۾.

therewithin (ديئر وِدن) **adv.** within that, انهيءَ وچ ۾، درميان ۾.

Theriac or **theriaca** (ٿيرِڪ) **n.** an antidote to venomous bites, etc, زهر مار، ترياق، دافع زهر.

therian (ٿيرِئن) **adj.** of or belonging to the Theria subclass of mammals, comprising marsupials and placentals, and their extinct ancestors; a therian animal, چوپايائن کير پياريندڙن جانورن جو هڪ قسم ۽ ان جا پراڻا وڏا ۽ غير موجود جانور، ٿيلهيدار ۽ بغير ٿيلهيدار جانورن جا شروعاتي ابااڻا يا وڏا، شروعاتي جانور.

therianthropic (ٿيرِئن ٿروپڪ) **adj.** combining human and animal forms (of certain gods, mythical figures); of or relating to therianthropic gods or figures, حيوان انساني، حيوان ۽ انسان شڪل ديوتا، خيالي مخلوق اڌ انسان ۽ اڌ جانور.

therianthropism (ٿيرِئن ٿرو پزم) **n.** the representation or worship of therianthropic forms or gods, حيوان ۽

انسان شڪل ديوتائن جا بُت ۽ انهن جي پوڄا.

Theriodontia (ٿيرئوڊونشا) **n.pl.** an extinct order of reptiles with teeth like mammals, پراڻي زماني جا جانور جن کي چوپاين جانورن وانگر ڏند هئا.

theriolatry (ٿيرئو ليٽري) **n.** animal-worship, جانورن جي پوڄا.

theriomorph (ٿيرئو مارف) **n.** an animal form in art, حيوان شڪل، حيوان شڪل جي مصوري، مصوري ۾ حيوانن کي واضح ڪرڻ.

Theriomorpha or **Theromorpha** (ٿيرئيو مارفا) **n.pl.** an extinct order of reptiles with affinities to the labyrinthodont Amphibia and mammals, ناڳن جي قسم جا پراڻا اجگر جانور جيڪي اڪوڙن کير پيارينڙ جانورن ۽ ڏيڏرن سان تعلق رکن ٿا.

theriomorphic (ٿيرئو مارفڪ) **adj.** (esp of gods) having an animal-like form; of theriomorphism, (ديوتا) حيوان شڪل.

theriomorphism (ٿيرئو مارفزم) **n.** belief in or worship of gods of the form of animals, حيوان شڪليت، حيوان شڪل ديوتائن جي پوڄا.

theriomorphosis (ٿيرئو مار فاسز) **n.** transformation into a beast, حيوان ۾ تبديلي، حيواني صورت وٺڻ.

theriomorphous (ٿيرئو مارفس) **adj.** beastlike; mammal-like; of the Theriomorpha, حيوان نما، وحشي يا، جهنگلي جانور نما، ناڳن جي صورت ۾.

theriotomy (ٿيريو ٽامي) **n.** the anatomy of animals. جانورن جي جسم جي چاڻ جو علم، علم حيوان جراحي، تشريح حيواني.

therm (ٿرم) **n.** 1000 000 British thermal units (used as a unit in reckoning payment for gas); a bathing establishment, public bath or hot bath, حرارت جو ايڪو، گرمي، حرارت، تپش، وهنجڻ جي جاءِ، عام غسل خانو، گرم پاڻيءَ وارو غسل خانن جو نظام.

thermae (ٿرمي) **n.pl.** hot springs or baths, esp in ancient Greece or Rome, گرم چشما (خاص ڪري يونان ۽ روم ۾).

thermal (ٿرمل) **adj, n.** pertaining to or producing heat; warm; hot; (of clothes) designed to prevent the loss of body heat; an ascending current of warm air, used by birds and gliders to gain height, گرميءَ جو، گرم، گرم چشما، گرمي، ڪوسو، حرارتي، گرميءَ لاءِ، تپشي، حراري، حرارت بابت، گرم هوا جو مٿي چڙهڻ مهل پکين ۽ بين اڏامندڙ شين کي مٿي ڪڻي وڃڻ.

thermal agitation (ٿرمل ايجي ٽيشن) **n.** the random movements of free electrons in a conductor, caused by thermal energy and producing noise signals which may be noticeable in some circumstances, اليڪٽران جزن جي بجليءَ رستي چرپر ڪرڻ.

thermal barrier (ٿرمل بيريئر) **n.** heat barrier, گرميءَ رستي روڪڻ، گرمي روڪ، تپش روڪ.

thermal capacity (ٿرمل ڪئپي سٽي) **n.** the amount of heat required to raise the temperature of a system through one degree, گرميءَ جي گنجائش، حرارت جي گنجائش، گرمي پد ۾ هڪ درجي واڌ لاءِ ضروري حرارت جو ايڪو.

thermal dissociation (ٿرمل ڊسوسيئيشن) **n.** the splitting of certain molecules into simpler molecules by heat, followed by combination on cooling, حرارتي عليحدگي.

thermal conductivity (ٿرمل ڪنڊڪٽوٽي) **n.** a measure of the rate of flow of thermal energy through a material in the presence of a temperature gradient, حرارتي موصليت.

thermal diffusion (ٿرمل ڊفيوزن) **n.** a process in which a temperature gradient in a mixture of fluids tends to establish a concentration gradient, حرارتي نفوذ.

thermal efficiency (ٿرمل ايفيشنسي) **n.** of a heat engine, the ratio of the work done by the engine to the mechanical equivalent of the heat supplied in the steam or fuel, حرارتي قوت واري انجڻ.

thermal imaging (ٿرمل اميجنگ) **n.** the visualization of objects, substances, by detecting and processing the infrared energy they emit, used in medical thermography and to locate bodies underground, حرارتي تصور، گرمي يا لڏ جي عڪس نگاري.

thermal neutron (ٿرمل نيوٽران) **n.** a neutron of very low speed and hence very low energy, responsible for various types of nuclear reaction, include fission, هلڪو حرارتي الو (جيڪو ايٽم کي ٽوڙڻ جي ڪم اچي).

thermal reactor (ٿرمل ريئيڪٽر) **n.** a nuclear reactor in which fission is induced mainly by low-energy neutrons, ائٽمي بجلي گهر.

thermal shock (ٿرمل شاڪ) **n.** stress, often resulting in fracture, occurring when a body is subjected to sudden changes in temperature, حرارتي جهٽڪو.

thermal springs (ٿرمل اسپرنگس) **n.** natural springs of hot water, حرارتي چشمو، گرم چشمو، گرم پاڻيءَ جو قدرتي چشمو.

thermalization or **thermalize** (ٿر ملائيزيشن) **n.** to re-

duce the kinetic energy and speed of (fast neutrons) in a nuclear reactor; to undergo thermalization, حرارت ڪاري (عمل). جوهري بجلي گهر ۾ تيز رفتار حرارتي ائن جي رفتار کي گهٽ رڪڻ جو عمل.

Thermalite ® (ٿرملائيٽ) **n.** a manufactured material for building-blocks, of light density and high insulation value, عمارت سازيءَ جي لاءِ ڪم ايندڙ هلڪي وزن ۽ موسم جي بچاءَ لاءِ تيار ڪيل خاص بلاڪ.

thermalization or **thermalize** (ٿرملائيزيشن ٿرملائيز) **n, vt.** to reduce the kinetic energy and speed of (fast neutrons) in a nuclear reactor; to undergo thermalization, حرارتي ائن جو زور ۽ رفتار گهٽائڻ (ائٽمي بجلي گهر ۾).

thermion (ٿرمِ آئن) **n.** an electrically charged particle, an electron or ion, emitted by an incandescent body, برق پاڳو. گرميءَ حصو. حرارت پارو. حرارتي ائو.

thermionic (ٿرم يو نڪ) **adj.** of or relating to thermions, برقي پاڳي بابت. حرارت ڇڏيندڙ جسمن بابت.

thermionic emission (ٿرم يونڪ ايميشن) **n.** the emission of electrons from incandescent solids or liquids, سخت مادا يا پاڻيٺ جيڪي گرمي خارج ڪن.

thermionics (ٿرم يونڪس) **n.sing.** the science of thermions and thermionic emissions, گرميءَ يا حرارت جي سائنس. برقي قوت جو علم.

thermister (ٿرمسٽر) **n.** a semiconductor, a mixture of certain oxides with finely divided copper, of which the resistance is very sensitive to change of temperature, هلڪو بجلي موصل ڌاتو.

Thermite or **Thermit ®** (ٿرمائيٽ) **n.** a mixture of aluminium powder with oxide of metal (esp iron), which when ignited produces great heat, used for local heating, welding and in some incendiary bombs, ملاوتي لوهه. لوهه جو پورو. اليومينير جو پُورو ۽ لوهه جي ڪٽ جو مليل مادو جنهن سان گهڻي گرمي پيدا ٿيندي آهي. (هيءَ ڌاتن کي ڳنڍڻ ۽ بم ٺاهڻ جي ڪم ايندو آهي).

thermo- (ٿرمو) combining form : denoting - heat, حرارت. گرمائش. تپش حرارتي.

thermobalance (ٿرمو بئلنس) **n.** a balance for weighting bodies at high temperatures, حرارتي ساهمي.

thermochemistry (ٿرمو ڪئمسٽري) **n.** the study of heat changes accompanying chemical action, گرمي ڪيميا. حرارتي ڪيميا.

thermocline (ٿرمو ڪلين) **n.** (in lakes) a region of rapidly changing temperature, found between the epilimnion and the hypolimnion, (ڍنڍن ۾) پاڻيءَ جي درجي ۾ ماحولياتي سببن ڪري جلد جلد گهٽتائي يا واڌ.

thermocouple (ٿرمو ڪپل) **n.** a pair of different metals in contact giving a thermoelectric current, حرارتي جوڙو. حرارتي تارن جو جوڙو.

thermoduric (ٿرموڊيورڪ) **adj.** resistant to heat, گرمي برداشت ڪرڻ جي قوت رکندڙ (مادو وغيره).

thermodynamics (ٿرمو ڊائنامڪس) **n.sing.** the science of the relation of heat to mechanical and other forms of energy, گرميءَ ۽ مڪينيڪي قوتن جي هڪ ٻئي سان لاڳاپي جي باري ۾ علم. گرمي ٻَل وديا. گرميءَ جو علم. حرارتي حرڪيات.

thermoelectricity (ٿرمو اليڪٽريسٽي) **n.** electricity developed by the unequal heating of bodies; esp between a junction of metals and another part of a circuit, حرارتي برقيات.

thermoform (ٿرمو فارم) **n.** a three-dimensional representation, or a relief, of a painting in an art gallery, designed to help visitors (esp those who are blind) to appreciate the tactile qualities, perspective, of the painting, نمائش ۾ رکيل تصوير. اپريل مصوري. اڪر يا ڪٽ ٿيل. نمائش ۾ رکيل تصوير. لپي سان تيار ڪيل نقش (جيڪو هٿ لڳائڻ سان محسوس ٿئي). تصوير يا اڪر جي باري ۾. مصوريءَ جي باري ۾.

thermogenesis (ٿرمو جينيسس) **n.** production of heat, esp in the body by physiological processes, حرارت پيمائش. گرميءَ جو اپجڻ. حرارت بخش.

thermogram (ٿرمو گرام) **n.** a thermograph record of temperature, حرارت نگار نقشو (يا گراف). گرمي نما. حرارت درج ڪندڙ. نقشہ حرارت.

thermograph (ٿرمو گراف) **n.** a self-registering thermometer; an instrument for recording variations of temperature; the photographic apparatus used in thermography, گرميءَ نگار. حرارت نگار. خودڪار گرمي ماپڻو. خودرو تپش پيما.

thermography (ٿرمو گرافي) **n.** any process of writing, photographing, involving the use of heat; a method of producing embossed text, using a heating process; the production of a photographic record or an image on a small picture-tube by using an infrared camera; a pictorial record of heat emission from the patient's body used in medical diagnosis, eg for detecting tumours, گرميءَ نگاري. تپش نگاري. گرميءَ رستي ڇپائيءَ يا تصوير نگاريءَ جو طريقو گرميءَ رستي ناهيل ڇاپو. تصوير انساني بدن مان خارج ٿيندڙ گرميءَ جو درجو درج ڪندڙ آلو.

thermolabile (ٿرموليبائل) **adj.** readily decomposed by heat, گرميءَ تي جلد ڳرندڙ يا سڙندڙ مادو.

thermology (ٿرمولاجي) **n.** the science of heat, گرميءَ جو علم، گرميءَ جي سائنس، علم حرارت.

thermoluminescence (ٿرمو ليو مينيسنس) **n.** release of light by irradiated material as a result of heating, used in archaeological dating, چمڪندڙ يا روشني ڏيندڙ مادي جو گرم ٿيڻ ڪاڻ پراڻين جڳهين يا شين جي عمر لهڻ لاءِ حراري اثر جو طريقو، تمام تيز روشني ڏيڻ، حرارتي روشني، گرميءَ جو چيد.

thermolysis (ٿرمو لائسس) **n.** dissociation or dissolution by heat; loss of body heat, حرارت پاشي، بدن جي گرمي درجي جي نقصانڪار ڪمي، بدني حرارت ۾ خطرناڪ ڪمي.

thermometer (ٿرما ميٽر) **n.** an instrument for measuring temperature depending on any of several properties of a substance that vary linearly with change of temperature, esp a graduated sealed tube containing mercury or alcohol, ٿرماميٽر، حرارت پيما، گرمي ماپ، گرميءَ ماپڻ جو اوزار، تپش پيما، مقياس الحرارت.

thermometrograph (ٿرما ميٽرو گراف) **n.** a self-registering thermometer, a thermograph, خود نگار تپش پيما.

thermometry (ٿرمو ميٽري) **n.** the branch of physics dealing with the measurement of temperature and the design of thermometers, etc, تپش پيمائي.

thermonasty (ٿرمو نيسٽي) **n.** nastic movement in response to heat or temperature change, گرمي متحرڪ جاندار، حرارت متحرڪ جيو، حرارتي حرڪت جيوت.

thermonuclear (ٿرمو نيوڪليئر) **adj.** exhibiting or dealing with the fusion of nuclei as seen in a thermonuclear reaction, حرارتي جوهري، جوهري حرارت.

thermonuclear reaction (ٿرمو نيوڪليئر ريئيڪشن) **n.** a power reaction produced by the fusion of nuclei at extremely high temperatures, as in nuclear weapons; pertaining to the use of such reactions as a source of power or force, حرارتي جوهري، رد عمل، ايٽمي بجلي گهر جي هلڻ جو عمل.

thermophile or **thermophil** (ٿرمو فائيل) **adj.** a bacterium, plant, which requires, or thrives best in high temperatures, گرمي پسند، حرارت پسند، حرارتي برقي انبار.

thermophilic or **thermophilous** (ٿرمو فلڪ) **adj.** (eg of bacteria, plants) requiring, or thriving best in, high temperatures, گرمي پسند حرارت باش، گرميءَ ۾ وڌندڙ.

thermophyllous (ٿرمو فائيلس) **adj.** having leaves only in the warmer part of the year, deciduous, گرميءَ ۾ وڌندڙ ٻوٽو.

thermopile (ٿرمو پائيل) **n.** an apparatus, usu consisting of thermocouples, for the direct conversion of heat into electrical energy, حرارتي ذخيرو، حرارتي انبار.

thermoplastic (ٿرمو پلاسٽڪ) **adj.** becoming plastic when heated and hardening again when cooled; any resin that can be melted and cooled repeatedly without appreciable change in properties, حرارتي ملائم مادي جو قسم جيڪو گرميءَ تي نرم ۽ ٿڌ تي سخت ٿئي.

Thermos ® (ٿرماس) **n.** a brand of vacuum flask, ٿرماس، حرارت قائم برتن، حرارتي ٿانءُ، حرارتي صراحي.

thermoscope (ٿيرو سڪوپ) **n.** an instrument for detecting changes of temperature, گرمي بين، تپش نما، حرارت درجي جاچ آلو.

thermoscopic (ٿرموا سڪوپڪ) **adj.** indicating, or sensitive to, temperature changes, گرمي بيني، تپش نمائي، حرارت بيني.

thermosetting (ٿر مو سيٽنگ) **adj.** (of eg resin or plastic) setting permanently, after melting and moulding, (پلاسٽڪ يا ڪيميائي) مادا جيڪي گرم ٿيڻ ڪاڻ پڪي صورت ۾ اچن، حرارتي جماءُ، گرمائش وارو جمڻ.

thermosiphon (ٿرموسيفن) **n.** a method of circulating a cooling liquid through a system by using the slight difference in density between the hot and cool parts, حرارتي نلي، گرمي نڙو.

thermosphere (ٿرمو اسفيئر) **n.** the region of the earth's atmosphere above the mesosphere, in which the temperature rises steadily with height, ڌرتيءَ جي ماحول جا اها حصا جتي اچائيءَ سان گڏ گرميءَ درجي ۾ واڌ اچي، حرارتي گولو، گرمي دائرو.

thermostable (ٿرمو اسٽيبل) **adj.** not readily decomposed by heating, گرميءَ تي جلدي نہ ڳرندڙ، سخت مادو، گرمي روڪ، گرمي بي اثر.

thermostat (ٿرمو اسٽيٽ) **n.** a device for keeping temperature steady, گرمي محافظ، گرمائش گهٽائيندڙ.

thermotactic or **thermotaxic** (ٿرمو ٽيڪٽڪ) **adj.** of or showing thermotaxis, حرارتي رُخ.

thermotaxis (ٿرمو ٽيڪسز) **n.** a movement of an organism towards a position of higher or lower temperature, حرارتي ترتيب.

thermotherapy (ٿرمو ٿرپي) **n.** the treatment of a part

of the body by heat, حرارتي علاج، گرميءَ ذريعي علاج.

thermotic or thermotical (ٿرموٽڪ ٿر مو ٽيڪل) **adj.** relating to heat; dependent on heat; of or due to heat, حرارتي، حراري.

thermotolerant (ٿرمو ٽالرنٽ) **adj.** able to endure high temperatures but not growing well under such conditions, گـرمي برداشت ڪندڙ، حـرارت برداشت ڪندڙ، حرارتي تاب آور.

thermotropic (ٿرمو ٽروپڪ) **adj. n.** a thermotropic plant, حرارت رُخ ٻوٽو، سج جي رخ سان هلڻ وارو ٻوٽو.

thermotropism (ٿرمو ٽروپزم) **n.** the tendency of a plant to grow towards, or bend away from, a source of heat, حرارت رُخي، سج جي طرف رخ وارو ٻوٽو.

-thermy (ٿرمي) **sfx.** denoting - heat, heat generation (also -thermic or -thermal), گرمي، گرميءَ وارو، گرمي پيدا ڪندڙ، حرارتي.

theroid (ٿيروئڊ) **adj.** of, relating to or like a beast or wild animal, جهنگلي جيوت يا حيوان جهڙو، جهنگلي جانور.

thesaurus (ٿسارس) **n.** a storehouse of knowledge, esp of words, quotations, a dictionary; a book with systematically arranged lists of words and their synonyms, antonyms, a word-finder; a treasury, ڪوش، وديا، ڀنڊار، لغت.

these (ديز) **pron.** of this. هي، اِهي، ويجهڙائيءَ وارا (ماڻهون، شيون وغيره).

thesis (ٿيسس) **n.** a proposition which one advances; a theme; a long dissertation, esp one based on original research and presented for a doctorate; a subject dealt with in this way; a position or that which is set down or advanced for argument; a down beat in a bar or metrical foot; hence, the strong position in a bar or foot, مضمون، ڳالهه، مقالو، مسئلو، دعويٰ، مفصل جواب، ساڪيه، پورو پکيه، پرتگيا، رسالو، مفصل مضمون، ڊاڪٽريٽ جي لاءِ تيار ڪيل تحقيقي مقالو، وجت، تيز يا تکڙي وجت.

Thespian (ٿيس پئن) **adj, n.** pertaining to tragedy or to drama in general; dramatic acting; tragic; a tragic actor; an actor, دردناڪ، دکدائڪ پيڙاءِ وارو، دک واري ڪهاڻيءَ جو ڪردار، دک يا غم وارو ڪردار ڪندڙ اداڪار.

theta (ٿيٽا) **n.** the eighth (orig ninth) letter of the Greek alphabet, transliterated th, its sound an aspirated t, but in modern Greek like English th; a mark of condemnation, يوناني آلوئنا جو الون اکر، لوڪ بازيءَ وارو لفظ.

thetch (ٿيچ) **vi.** to thatch, ڇنو، ڇپَر، ڇڙو، ڇولري، تيار ڪرڻ.

thete (ٿيٽ) **n.** a serf; a poor freeman in Athens under Solon's constitution, هاري،غلام، غريب، عام غريب ماڻهو، بي وسيلو، نادار، ائينس جو غريب پر آزاد شهري.

theurgy (ٿرجي) **n.** magic or miracles by the agency of good spirits; miraculous divine action; the beneficial magical science of the Egyptian Neoplatonists, (ڀلارن روحن رستي) تعويذ ڌاڳو ڪرڻ، ڦوڪو ڦيٿو ڪرڻ، جادو ڪرڻ، جادوئي علم، طلسمي عمل، ڀوت وديا، علم غيب، غير جي طاقت سان جادو.

thew (ٿيو) **n.** custom; trait; manner; moral quality; bodily quality; muscle or strength, رسم، خاصيت، سَتَ، دماغي، اخلاقي ٻل، رَتي، ٿَس، مُشڪ، نسون، رڳون، اخلاقي قوت، ريتون رسمون، طور طريقا، بدني بناوت.

they (دي) **pron.** used as plural of he, she, it; people in general, some; used with a plural verb instead of he or she. هو، اهي، ماڻهو ڪيترا، ڪي ڪي وڏيڪ.

thiamine or thiamin (ٿائي مين) **n.** vitamin B_1, found in seeds, grains, beans and liver, a deficiency of which causes beri-beri, وائمن بيءِ جو مادو.

thiasus (ٿائيسس) **n.** a group of worshippers collected together to sing and dance in praise of god, خدا جي شان ۾ (پوڄارين جو) ٽولو ڳائڻ، ڀڄن ڳائڻ، مولود چوڻ.

thiazide (ٿائيزائيڊ) **n.** any of a group of drugs used as diuretics and to treat hypertension, رت جي دٻاءَ جي دوا، طبي مادا، پيشاب آور دوائون.

thiazine (ٿائيزين) **n.** any of several organic compounds containing four carbon atoms, one sulpher and one nitrogen atoms, ڪيميائي مرڪب مادا.

thibile or thivel (ٿبل، ٿِول) **n.** a porridge-stick, ڪَش، ڏاهڻ لاءِ ڏوئيءَ نما ڪاٺي.

thick (ٿڪ) **adj, n, adv, vt.** having a great (or specified) distance in measurement from surface to surface in the lesser dimension; broad; deep; dense; foggy; crowded; close; stupid; gross; viscous; firm or dense in consistency, close set or packed; crowded; made of thick or warm material; very friendly, intimate, in close confidence; abundant; frequent, in quick succession; aboundingly or completely covered or occupied; foggy; opaque; dull; husky, muffled; indistinctly articulate; (of an accent) strong, marked; excessive, unfair, approaching the intolerable; the thickest part of anything; the midst; a stupid person; a thicket;

thickly; closely; frequently; fast; to a great or specified depth; to make or become thick, ٿلهو. گهاٽو، ڳوڙهو، جاڙو، گهرو، موڪو، مڏو، موٽو، ڪڙڪ، جوهيل، ڪچگاهه (ٻيلو)، جاڙو يا جُهالو (ڪپڙو)، جهجهو، گهرو (دوست)، ڏهرو (ڪاغذ)، گهور (اوندهه)، ڏنڌلو، گندو، لڙاڪيل، لڙو، مُنجهيل (آواز)، موڪو، پنپ، گاڏيلو، تيز، تکو، اونهو، گهرو، تمام گهڻو، مضبوط، سخت ڪُند دماغ، دوست، ويجهو ساٿي، اعتباري، ويڪرو، اونهو پريل، سٽيل، ڳتيل، گهاٽي يا گرم مادي مان ٺاهيل ٿلهو، عام جام گهڻائيءَ ۾، اڻ ڪوٽ، تيز تيز، جلد گڏوگڏ لاڳيتو، مسلسل، مڪمل پريل، تيز، تکڙو، ڏاڍو، گهڻو، ٿلهو متارو، صحت مند، طاقت وارو، پهلوان، جلدي جلدي، تکڙو، ابهرو، گهاٽو ڪرڻ.

thick ear (ٿڪ ايئر) **n.** a swollen ear, usu a result of a blow administered as punishment, سُڄيل ڪن، (ڌڪ يا سزا ڪري).

thicken (ٿڪن) **vt, vi.** to make or become thick or thicker; to become thick; to become more complicated, گهاٽو ڪرڻ، ڳوڙهو ڪرڻ، ميڙڻ، ٿلهو ٿيڻ، ڳاهٽ ٿيڻ، مشڪل ٿيڻ، منجهڻ.

thickening (ٿڪننگ) **n.** a making or becoming thicker; a thickened place; something, a material or a substance added to something (esp liquid) to thicken it, گهاٽو ٿيندڙ، گهاٽو ڪرڻ، گهاٽو ڪندڙ مادو، جمائيندڙ سخت ڪندڙ.

thicket (ٿڪيٽ) **n.** a dense mass of trees or shrubs, جهمٽ، گهاٽي وڻي، جُهو، جوهو، ويڙهه، ڇڪو، ولڪار، جهنگل، هڙهي.

thick head (ٿڪ هيڊ) **n.** a stupid person, a blockhead; any bird of an Australian family related to flycatchers and shrikes, ڏڏ، مڪ، موڪو، ٿلهو مٿو، موٽو دماغ، ٿلهي منهن وارو، مختلف قسمن جا مکيون جهٽيندڙ آسٽريلوي پکي، مالهاري پکي.

thick-headed (ٿڪ هيڊيڊ) **adj.** having a thick head or skull; stupid; having a feeling of numbness, paralysis and often pain in the head often accompanying a cold or a hangover, ٿلهي مٿي وارو، موٽي دماغ وارو، موڪو، ڏڏ، مڏ، بيوقوف، ڪم عقل، مغز جو ٿڌ يا بيماريءَ سبب ڳورو يا سُن ٿيڻ.

thick-knee (ٿڪ ني) **n.** the stone curlew; a large plover with thickened knee joints, ٿلهو گوڏو، پکيءَ جو قسم، ڪروانڪ، ڪرواڻ، ننڍي ٽلور، ٽلور صورت پکي، سيٽيارو.

thick-lips (ٿڪ لپس) **n.** a Negro, شيدي، حبشي، ڪارو.

thickness (ٿڪ نيس) **n.** the state or quality of being thick; the degree to which something is thick; the space between outer surfaces; a layer, ٿلهاڻ، ٿولهه، ڳوڙهاڻ، گهرائي، ڪثافت، گهاٽاڻ، تهه، تهه جي ٿولهه.

thicko (ٿڪو) **n.** a stupid person, ٿلهو ماٺو، بيوقوف، ڏڏ، موڪو.

thick-set (ٿڪ سيٽ) **adj.** having a short thick body; closely set or planted; a thicket; a stout cotton, گهاٽو، گاڏيلو، ڳتيل، ڏگنو، ڳوڙهو، ٿلهو، سگل بند وارو ڪپهه جو هڪ قسم.

thick skin (ٿڪ اسڪن) **n.** a blockhead, مڏ، ڏڏو، بيوقوف، ٿلهي مغز وارو، ٿلهي کل، بي حس.

thick skinned (ٿڪ اسڪنڊ) **adj.** having a thick skin; insensitive; indifferent to criticism or insult, بي پرواهه، ائاسو، ڍٽ، ٿلهيءَ چمڙيءَ وارو، لر جو، لوڊ، بي حس.

thick skull (ٿڪ اسڪل) **n.** a blockhead. مڏ، ڏڏ، بيوقوف.

thick skulled (ٿڪ اسڪلڊ) **adj.** having a thick skull; stupid; dull, slow to learn, doltish, ٿلهي مٿو، ٿلهي کوپڙي، موڪو، بيوقوف، ٿلهي مٿي وارو، ڪم عقل.

thick-sown (ٿڪ سون) **adj.** planted closely close-set, گهاٽو پوکيل (فصل).

thickun (ٿڪن) **n.** a sovereign; a crown, حاڪم، بادشاهه، سردار، راجا.

thick-witted (ٿڪ وٽيڊ) **adj.** dull, slow to learn, doltish, ڏڏو، موڪو، ڪم عقل، ڏڏ، گهٽ سمجهه وارو.

thief (ٿيف) **n.** one who takes unlawfully what is not his or her own, esp by stealth; a flaw in a candlewick that causes guttering, چور، چوراڪار، چورالو، سيڻ، بتيءَ ۾ وٽ جي خرابيءَ ڪري روشنيءَ جو ٽڙڪڻ.

thief-catcher or -taker (ٿيف ڪئچر، ٽيڪر) **n.** a person whose business is to arrest thieves; a detective, چور پڪڙيندڙ، وانو، پوليس جو عملدار جاسوس.

thieve (ٿيو) **vi, vt.** to practise theft; to steal; to steal something, چوري ڪرڻ، چورائڻ.

thievery (ٿيوري) **n.** an act or the practice of thieving; what is thieved, چورا ڪاري، چورالو.

thievish (ٿيوش) **adj.** given to stealing; thief-like; furtive; infested by thieves, چورلو، هٿ جو ميرو، چور وانگي، ڳجهو، چورن پريل (علائقو).

thig (ٿگ) **vi, vt.** to beg; to live on alms; to get by begging, عرض ڪرڻ، ليلائڻ، پنّ تي گذارڻ، پني ڪائڻ.

thigh (ٿاءِ) **n.** the thick fleshy part of the leg from the knee to the hip; the femur; a corresponding part in animals, سٿرُ، ران، چڏو، چنگهه جو مٿيون حصو.

thighbone (ٿاءِ بون) **n.** the bone of the leg between the hip-joint and the knee, the femur, ران يا سٿر جو هڏو.

thighboot (ٿاءِ بوٽ) **n.** a tall boot covering the thigh,

وڏو بوٽ، ٿنگ ٿائين بوٽ.

thigmotaxis (ٿگ موٽيڪسز) **n.** the movement of an organism towards or away from a solid object, in response to contact with it, شرم بوٽي، ڇهائي رد عمل بوٽا، ڪن به عنصرن جي اها حرڪت جنهن ۾ اهي ڪن سخت مادن ڪان پري وڃن يا ويجها ٿين، ڇهاءِ ترتيب، ڇهائي رد عمل بوٽا، ڇهاءِ جي رد عمل طور مادن جو هڪ ٻئي کان پري ٿيڻ.

thigmotropism (ٿاگموٽرو پزم) **n.** the turning of an organism (or part of it) towards or away from an object in response to the stimulus of touch, ڇهاءِ رخي.

thilk (ٿلڪ) **adj, pron.** the same, that same; this, ساڳيو، اهو ساڳيو، هيءُ، اهو، ساڪيات.

thill[1] (ٿل) **n.** the shaft of a cart or carriage, گاڏيءَ جي سرائي، گاڏيءَ جو ٻر.

thill[2] (ٿل) **n.** underclay or floor of a coal-seam; a bed of fireclay, چلهه يا بخاريءَ جو تَرُ، چلهه جو تر يا پڙ.

thiller (ٿلر) **n.** a thill-horse, جوٽ وارو گهوڙو، لاڏو گهوڙو.

thill-horse (ٿل هارس) **n.** a shaft-horse, or the last of a team, جوٽ وارو گهوڙو، لاڏو گهوڙو، قطار جو آخري گهوڙو.

thimble (ٿمبل) **n, vi, vt.** a (metal, ceramic or plastic) cover for the finger, used in sewing; any object of similar form; a metal ring with a grooved or concave outer edge fitted into a rope ring, to prevent chafing; a thimbleful; to use a thimble; to use a thimble on, ٽوٽي، ٻنجي، ٻوچ، ٽوپ، ڍڪڻ، اگوٺي، ٽوپي، انگستان چلو، ڏوٽي، ڏوڏي، انگولي، انگستان جو استعمال ڪرڻ.

thimbleful (ٿمبل فل) **n.** as much as a thimble will hold; a small quantity, ننڍڙو مقدار، چپٽي، تمام گهٽ مقدار، ٿورڙو ذرو.

thimble-rig (ٿنبل رگ) **n.** a sleight-of-hand trick in which the performer conceals, or pretends to conceal, a pea or small ball under one of three thimble-like cups; to cheat by such means; to manipulate in this or a similar way, هَٿ جو هنر، هٿ جو جادو، هٿ جي خالن ۾ شيون لڪائڻ، هٿ ناٽ، اٽڪل بازي.

thimble-weed (ٿمبل ويڊ) **n.** any of several plants with a thimble-shaped head, esp the N American Anemone riparia or Anemone virginiana, اتر آمريڪا جا بوٽا.

thimerosal (ٿائمروسال) **n.** a cream-coloured, crystalline, water-soluble powder, used on the skin to treat minor abrasions, ڪيميائي مادو، طبي مادو، ڪل جي رهڻ تي هڻڻ واري دوا، ملم.

thin (ٿِن) **adj, n, adv, vt, vi.** not thick; having little thickness; rare, sparce; slim; lean; meagre; narrow; freely mobile; watery; dilute, lacking viscosity; of little density; rarefied; not closely packed, covered or occupied; sparse; made of thin material; slight; flimsy; lacking in body or solidity; meagre; poor; tinkling; too much to the left (golf); that which is thin; to make thin or thinner; to make less close, crowded or dense; to hit a ball too near the top so that it travels parallel to the ground but only just above it, thus not travelling very far, سنهو، باريڪ، پترو، ڏبرو، سوڪيمر، مهين، پتلو، پاهو، ڇٽو، ڇدو، ڇترو، هلڪو، ڪاغذي، ٻٽنگ، ايرو، ڇدڙو، پاڪو، لينجهه جهڙو، ڪين جهڙو، پاندپو، يڪتهو، لينجهڙو، تمام هلڪو، ڪمزور، غريب سچو، پالهو، مسڪين، (گولف راند ۾) کٻي طرف وڃڻ، ڇدڙو ڪرڻ، پري پري ڪرڻ، ٿيڙڻ، پکيڙڻ، گولف بال کي هلڪو ڌڪ.

thin air (ٿِن ايئر) **n.** a state of invisibility or non-existence, ٿوري هوا، معمولي هوا، پوست، هلڪي هوا، نظر نہ ايندڙ، غير موجود.

thine (دائين) **pron.** genitive of thou, used predicatively or absolutely; thy; belonging to thee; thy people; that which belongs to thee; adjectivally, esp before a vowel or h, thy, تنهنجو، سَندو، سندم، توهان جو.

thing (ٿنگ) **n.** a matter, affair, problem, point; a circumstance; a fact; an event, happening, action; a separate entity; a creature; matter; circumstance; event; that which exists or can be thought of; an inanimate object; a quality; a living creature (esp in pity, tolerant affection, kindly reproach); a possession; that which is wanted or is appropriate; a slight obsession or phobia; a typical example; an unaccountable liking or dislike; clothes, esp a woman's additional outdoor garments; utensils, esp for the table; personal belongings; an aim; affairs in general; property; a piece of writing, composition; an assembly, parliament, court, council, چيز، وستو، وَٿ، شيءِ، ڪي، ڪو، ڪجهه، پدارٿ، ڪَجُ، ڳالهه، ڪم، ٽول، ٿوڪ، سامان سڙو، ٽالو ٽڪا، ٽيڙ ٽاڙي، ڪپڙو لٽو، عورتن جا ٻاهر نڪرڻ وقت پائڻ وارا ڪپڙا، مقصد، مُول، حالتون ڳالهيون، سياءُ، گڻ، وصف، صفت، خاصيت، ڇڻ، قسم، لياقت، هوشياري، مالي ملڪيت، وڙ، پارليامان، عدالت خانو، ڪورٽ، اسيمبلي، پارليامان، مجلس، محفل، لکت، خفتان، عادت، سوداءُ، معمولي ڪاغذ مان، عملي مضمون، ضرورت جو سامان، استعمال جي شيءِ، ذاتي شيون، معمولي لکت يا مضمون، تفصيل.

thing hood (ٿنگ هُڊ) **n.** the state or fact of being a

thing; substantiality, شيء جي صورت ۾. چيز. وٿ. مدار رکڻ جهڙي.

thinginess or **thingliness** (ٿنگينيس آر ٿنگ لينيس) **n.** reality, objectivity; a materialistic or matter-of-fact turn of mind, اصل.سچ. موجودگي. دل جو موجود يا دنياوي شين ڏانهن رخ.

thingness (ٿنگ نيس) **n.** the character or fact of being a thing; reality, شيء. اصل. حقيقت. سچ. وٿ. چيز. ٽول. ڳالهہ.

thingamy, thingummy (ٿنگمي) **n.** someone or something whose name one has forgotten or does not wish to mention; used when one cannot or will not recall the name, اها ڳالهہ. شيء يا ماڻهو جنهن جو نالو وسري ويو هجي. ڇا چوانس. نالي چڱو. فلاڻو. فلاڻي.

thingy (ٿنگي) **adj, n.** real; actual; objective; matter-of-fact; thingumajig, حقيقي. اصلي. اصلوڪو. سچو پچو. موجود. حاضر.

think (ٿنڪ) **vt, vi, n.** to form, conceive or revolve in the mind; to have as a thought; to intend; to imagine; to judge; to believe or consider; to expect or intend; to purpose, design; to remember or recollect; to bring into a particular condition by thinking; to believe to exist; to exercise the mind; to revolve ideas in the mind; to judge; to be of an opinion; to consider; to call to mind, recollect; to conceive or hit on a thought; to aspire or form designs; to be capable of thinking and reflecting; a bout of thinking; a thought. خيال ڪرڻ. ويچار ڪرڻ. سوچڻ. ڀانئڻ. خيال ڄوڙائڻ. ويچار. ارادو ڪرڻ. سمجهڻ. سمڪ ياد ڪرڻ. خيال رستي يا سوچ رستي نتيجي تي پهچڻ. اڇڻ. (جو) خيال رکڻ. ويچارڻ. ڄاڻڻ. دل ۾ ياد ڪرڻ. دهرائڻ. فيصل ڪرڻ. سوچي وٺڻ. دماغي شيون ڏاهڻ. ستون هڻڻ. خيال پچائڻ. سوچ لائق. سوچ سمجهہ رکندڙ.

thinkable (ٿنڪبل) **adj.** capable of being thought; conceivably possible, ويچار ڪرڻ جهڙو. خيال ڪرڻ جهڙو. ممڪن الفهم. قابل ادراڪ. سمجهہ ۾ ايندڙ.

thinker (ٿنڪر) **n.** one who thinks, esp one with a powerful mind; a horse which takes care of itself in a race and therefore does not try hard enough, مفڪر. صاحب خيال. خيالي. پاڻ سنڀاليندڙ گهوڙو.

thinking (ٿنڪنگ) **n.** an opinion or judgement; the process of thought; using or capable of rational thought, خيال. فيصلو. سوچ. سوچيندڙ.

think-tank (ٿنڪ ٽئنڪ) **n.** a person or a group of people, usu experts in some field, regarded as a source of ideas and solutions to problems, ماڻهن جو ٽولو جن جي حوالي نيون سوچون ڪرڻ يا درپيش مسئلن جو توڙ ڳولڻ هجي. مفڪرن جو جٿو. عقلمندن جي ٽولي.

thinner (ٿنر) **n.** a person or thing that thins, esp a diluent for paint etc, پتڙو. سنهون. ڇدو. ڇدو ڪندڙ. هلڪو ڪار. پتڙو ڪندڙ (ڪيميائي مادو يا ماڻهو).

thinnings (ٿننگس) **n.pl.** plants, trees which have been removed to improve the growth of those remaining, ڇانگ ڪرڻ. گهاٽي فصل مان ٻوٽا ڪڍي ڇدو ڪرڻ. ڇانٽي. سنهائي. ڇدائي. پتلائي. ٽيڪالي. ڇداڻ. شاخ تراشي.

thin-skinned (ٿن اسڪند) **adj.** having thin skin; unduly sensitive; irritable, سنهي کل وارو. سنهي کل. پردائين کل. ڪاغذي وکو. چيڙاڪ. ڏکئو. سڻاسو. پتي وارو. نازڪ مزاج. زود رنج.

thin-spun (ٿن اسپن) **adj.** out fine, سنهي الٽ وارو. ملاڪر.

thio- or **thi-** (ٿيئو) combining form : denoting sulphur; indicating in chemistry a compound theoretically derived from another by substituting an atom or more of sulphur for oxygen, گندرف. گندرفي. گندرفي ڪيميائي مادو.

thio-acid (ٿيئو اسڊ) **n.** an acid analogous in constitution to an oxy-acid, sulphur taking the place of oxygen, گندرفي تيزاب.

thio-alcohol (ٿيئو الڪوهل) **n.** mercaptan, گندرفي الڪوهل.

thio-bacillus (ٿيئو بسيلس) **n.** any of several rod-shaped bacteria, that live in soil, sewage, and that derive energy from the oxidation of sulphur or sulphur compounds, لٺ يا ڏنڊي شڪل جيوڙا. ساٻيا.

thiobarbituric acid (ٿيئو باربيٽيورڪ اسڊ) **n.** ($C_6H_4N_2O_2S$) similar in effect to a barbiturate, نشي آور مادو. طبي مادو.

thiodiglycol (ٿيئو ڊائگلا ئڪول) **n.** a chemical compound soluble in water and alcohol used as an industrial cleaning agent, and also as an ingredient of mustard gas and nerve gas, ڪيميائي مرڪب مادو. صفائي جي ڪم وارو مادو. انسان کي بيڪار ڪرڻ واري گئس.

thio-ether (ٿيئو ايٿر) **n.** a compound in which the ether oxygen has been replaced by sulphur, ڪيميائي مادو. گندرف وارو مادو.

thiol (ٿيئول) **n.** mercaptan; any organic compound containing an alcohol-like group but with sulphur in place of oxygen, نامياتي الڪهل مليل مادو.

thiopentone (ٿيئو پينٽون) **n.** a barbiturate drug used as

the solution salt, as a general anaesthetic and a hypnotic, and reputedly as a truth drug, also called Pentothal, نشي آور مادو جيڪو عام طور نشي ڏيڻ لاءِ ڪم اچي، سچ حاصل ڪرڻ لاءِ ڏنو ويندڙ طبي مادو. ڪوڙو پڪڙيندڙ مادو.

thiophen or **thiophene** (ٿيوفن) **n.** a five-membered hetrocyclic compound with sulphur, گندرف مليل ڪيميائي مادو.

thiophil (ٿيوفِل) **adj.** (of bacteria) having an affinity for sulphur and its compounds, گندرف رخي، گندرف پسند ڪندڙ جيوڙا. گندرف ۾ رهندڙ جيوڙا.

thio-salt (ٿيو سالٽ) **n.** a salt of a thio-acid, گندرفي لوڻ.

thiosulphate (ٿيو سلفيٽ) **n.** a salt of thiosulphuric acid ($H_2S_2O_3$); a sulphate to which one oxygen atom is replaced by sulphur, گندرفي لوڻ وارو ڪيميائي مادو.

thiourea (ٿيو يوريا) **n.** urea with its oxygen replaced by sulphur, a bitter crystalline substance that inhibits thyroid activity and is used in photographic fixing, گندرفي ڳتس، فوٽو صاف ڪندڙ شفاف مادو.

thiram (ٿائرئم) **n.** a fungicide, ڦنگي مار مادو، سينؤر ختم ڪندڙ مادو.

third (ٿرڊ) **adj, n, adv, vt.** the last of three; next after the second in time, place, order, rank; equal to one of three equal parts; one of three equal parts; a person or thing in third position; an interval of two (conventionally called three) diatonic degrees; a third gear; a degree of the third or lowest class; in the third place; as the third point; to divide by three; to support after the seconder, ٽيون، ٽيو (ضمير)، ڦائب، ٽيجو، ٽيون نمبر، ٽيون گيئر (گاڏي جو)، ٽيون درجو يا نمبر، ٽن سان ونڊڻ، ٽيون مددگار، ٽيون نمبر ڪندڙ.

Third Age (ٿرڊ ايج) **n.** those people aged over 60 (in some cases over 50) collectively seen as a distinct group within society, with opportunities (eg for travel and education), special needs, and a positive contribution to make to society in general, ٦٠ سالن کان مٿي عمر جا ماڻهو.

third-best (ٿرڊ بيسٽ) **adj.** of third quality; a thing in this category, ٽئين درجي جي شيءِ، ٽيون نمبر مال.

third class (ٿرڊ ڪلاس) **adj, adv.** the class of a degree, hotel accommodation or travel, next below second class, ٽيون ڪلاس، ٽئين درجي ۾، ٽئين ڪلاس ۾، ٽيون درجو.

third degree (ٿرڊ ڊگري) **n.** long and severe questioning esp by police to obtain information or a confession; denoting burns of the most severe kind, affecting lower layers of tissue, (پوليس طرفان) سختيءَ جو آخري درجو استعمال ڪرڻ، باهه لڳڻ ڪري تمام گهڻو سڙڻ، ڪل اندر ساڙ.

third dimension (ٿرڊ ڊائمينشن) **n.** depth, thickness; the dimension of depth, distinguishing a solid object from a two-dimensional or planar object, ٽه طرفيو، ٽن رخن ۾، ٽيون رخ، اونهائي، گهرائي، ٿولهه.

third eye (ٿرڊ آءِ) **n.** the 'eye of insight' in the forehead of an image of a deity, esp the god Siva; the faculty of intuitive insight or prescience; the pineal gland in certain vertebrates, ٽين اک، روحاني (اک)، روحانيت، ديوتا (شِوَ) جي مٿي تي ٽين اک، ڪرنگهي دار جانورن جي ڪلي، ڳلڦڙو يا غدود.

third force (ٿرڊ فورس) **n.** a group in a political party; following a middle or uncommitted course between contending extremes, ٽين طاقت، ٽين قوت، ٽيون ڌڙو، درمياني قوت رکندڙ.

third gear (ٿرڊ گيئر) **n.** the gear which is one faster than second, and usu one lower than top, in a gearbox, ٽيون گيئر.

third man (ٿرڊ مئن) **n.** a fielder on the offside between point and slip; this position, (ڪرڪيٽ راند ۾) وڪيٽ واري رانديگر جي ساڄي پاسي وارو ٽيون نمبر رانديگر.

Third market (ٿرڊ مارڪيٽ) **n.** trade in listed stocks done otherwise than on the stock exchange; the market where such trade is done, حصن جو ڪاروبار مکيه جڳهه کان هٽي ڪري ڪنهن ٻيءَ جڳهه تي ڪرڻ، اهڙي جڳهه جتي حصن جو غير قانوني ڪاروبار ڪيو وڃي.

third order (ٿرڊ آرڊر) **n.** the lay members affiliated to a monastic order, who continue to live an ordinary life in the world, (عيسائيت ۾) (مذهبي ماڻهن جو) ٽيون طبقو، اهي مذهبي ماڻهو جيڪي عام زندگي گذارين.

third party (ٿرڊ پارٽي) **n.** a person other than the principal people involved in the agreement between the insured and insurer, ٽين پارٽي، ٽين ڌر، ثالث پارٽي يا ڌر، انشورنس جنهن ۾ (حادثي جي صورت ۾) حادثي ڪري ملندڙ فائدو يا معاوضو حاصل ڪندڙ غير واسطيدار ماڻهو.

third-rate (ٿرڊ ريٽ) **adj.** of the third rank, class order; of poor quality, ٽئين درجي واري، گهٽ درجي واري، سادي شيءِ، هلڪي شيءِ

Third Reich (ٿرڊ رائهه) **n.** the Nazi regime, 1933-45, نازي دؤر، جرمني جي حڪمرانيءَ جو ٽيون دؤر.

Third World (ٿرڊ ورلڊ) **n.** the developing countries

of Africa, Asia and Latin America, not aligned politically with the large power blocks, ٽين دنيا. غريب ملڪ، دنيا جي غريب ملڪن وارو حصو.

thirl[1] (ٿرل) **n, vt, vi.** a hole; an opening; a short passage between two headings in a mine; to pierce; to thrill; to vibrate, tingle, thrill, سوراخ، ڇر، سنهون لنگهه. رستو، پيچرو، ٽوڻ، لوڏڻ، ڇيڻ، ٿرڻ، جوش، جذبو.

thirl[2] (ٿرل) **n, vt.** a serf, a form of thrall; thirlage; to bind or subject; to enslave; to confine, restrict, هاري، ڪڙمي، غلام، غلامي،وهي، ڪمي، روڪڻ، بندڻ، وهائڻ.

thirlage (ٿرليج) **n.** a form of servitude by which the grain produced on certain lands had to be ground (or at least paid for) at a certain mill, (هارپ جو) اهو طريقو جنهن ۾ ان صرف خاص هنڌ تان پيهائڻو هجي.

thirst (ٿرسٽ) **n, vt.** the discomfort caused by lack of drink; desire occasioned by want of water; vehement desire for drink; eager desire or craving for anything; to feel thirst, اڃ، پياس، اسات، ڏوکهو، ٿهہ. تاس، ترشنا، اڃ محسوس ڪرڻ، اڃ لڳڻ، سوڪ ٿيڻ، گهرج هجڻ.

thirsty (ٿرسٽي) **adj.** feeling thirst; suffering from thirst; dry; parched; causing thirst; vehemently desiring, اڃايل، اساتيل، پياسو، اڃيو، تاسيارو، اڃايو، تيسو، تاںگهيو، اڃارو، گهرجائو.

thirteen (ٿرٽين) three and ten; a symbol for this number; the age of 13, anything, eg a size, denoted by the number 13; a set of 13 people or things; amounting to 13, تيرهن، تيرهن جو انگ، تيرهن جو نشان، تيرهون نمبر (شيء)، تيرهن جو ٽولو، تيرهن جو اڳهہ.

thirteenth (ٿرٽينٿ) **adj, n.** last of thirteen; next after the twelfth; equal to one of thirteen equal parts; a person or thing in thirteenth position, تيرهون، تيرهون حصو، تيرهون نمبر، تيرهون انگ.

thirties (ٿرٽيز) **n.pl.** the numbers from 30 to 39; the years so numbered in life or any century; a range of temperatures from thirty to just under forty degrees, ٣٠ کان ٣٩ تائين جي عمر يا گرميءَ جو درجو.

thirtieth (ٿرٽيٿ) **adj, n.** last of thirty; next after the twenty-ninth; equal to one of thirty equal parts; a thirtieth part; a person or thing in thirtieth position, ٽيهون، ٽيهون حصو، ٽيهون نمبر.

thirty (ٿرٽي) **n, adj.** three times ten; a symbol for this number; the age of 30; anything denoted by the number 30; a set of 30 people or things; amounting to 30; 30 in age, ٽيهہ، ٽيهن جو انگ يا نشان، ٽيهہ سال عمر وارو، ٽيهن جو ٽولو.

thirtyish (ٿرٽي اِش) **adj.** somewhere about the age of thirty, اندازن ٽيهن سالن جي عمر وارو.

thirtysomething (ٿرٽي سمٿنگ) **n.** the ages between 30 and 39; a person aged between 30 and 39, esp when considered as part of a social group of similarly aged people with specific desires, aims and needs, ٣٠ ۽ ٣٩ جي وچ واري عمر، ٣٠ کان وڏو يا وڏي عمر جا خيالات رکندڙ، سلجهيل، سڌريل.

thirty-twomo (ٿرٽي ٽو مو) **adj.** of a book, in sheets folded to give 32 leaves (64 pages); a book constructed in this way, هڪ پني مان ٣٢ ڪاغذ يا ٦٤ صفحن تي ڇاپيل ڪتاب.

this (دِس) **pron, adj, adv.** a person, animal, thing or idea near, topical, already mentioned or about to be mentioned, or otherwise understood from the context; a person, animal or thing which is nearby, esp which is closer to the speaker than something else;(up to and including) the present time or place; the place where the speaker is; an action, event or circumstance; (when telephoning) the person speaking or the person spoken to; being the person, animal or thin just mentioned; being the person, etc which is nearby; to this (extreme) degree or extent; thus. هيءُ، اهو، هيءَ، اها، ويجهو، آڏو، سامهون، موجود، ويجهي وقت ۾، هن وقت ۾، هاڻي، هن جاءِ تي، هتي، هاڻي، فون تي ڳالهائيندڙ (ٻئي ماڻهو)

thisness (دس نيس) **n.** the quality of being this, not something else, haecceity, هن حالت ۾، هن صورت ۾، موجوده صورت يا شڪل.

thistle (ٿسل) **n.** a prickly composite plant with pink, white, yellow but usu purple flower heads, the national emblem of Scotland, ڪانڊيرو، ڪنڊو، ڊاماهو، اٺ ڪنارو، ڪانڊيري، ڪنڊ، خاردار ٻوٽو، اسڪاٽلينڊ جو قومي نشان وارو ٻوٽو.

thistle-butterfly (ٿسل بٽر فلاءِ) **n.** the painted lady, پوپٽ جو قسم، ٽاپٽي پوپٽ، ڪنڊن يا ڪانڊيرن وارو پوپٽ.

thistledown (ٿسل ڊائون) **n.** the tufted feathery parachutes of thistle seeds, ڊاماهي جا ٻج، ڪانڊيري جا ٻج.

thistly (ٿسلي) **adj.** like a thistle; overgrown with thistles, ڪنڊن جهڙو، ڪنڊائون.

thither (دِدَر) **adv.** to that place; to that end or result; on the far side, اوڏانهن، اوڏي، اتي، ان نتيجي تي، پرئين پاسي، پرتي، ڏور.

thitherward, thitherwards (دڌر ورڊ آر دڌر ورڊس) **adv.** towards that place. انهيءَ جاءِ ڏي، انهيءَ هنڌ ڏانهن.

thixotrope (ٿڪسوٽروپ) **n.** a thixotropic substance, ڇهاء عمل (جاندار).

thixotropic (ٿڪسوٽروپڪ) **adj.** of or showing, thixotrophy (of paints) non-drip, ڇهاء عمل رخ.

thixotropy (ٿڪسوٽروپي) **n.** the property of gels of showing a temporary reduction in viscosity when shaken or stirred, ڇهاء عمل رخ.

thlipsis (ٿليپسس) **n.** constriction; compression, ڀڪيڙ،سوس، دٻڻ، ڇاٻڻ، ڪنچاوٽ.

tho[1] (ٿو) **adj.** those, انهن جو، انهن، هو، اهي.

tho[2] (ٿو) **adv.** then, پوء، تہ، تنهن مهل، تڏهين.

thoft (ٿافٽ) **n.** a rowing-bench, ترڻ لاء تختو يا پٽي، ڪول ڦرلڊڙ بينچ، ترلڊڙ بينچ.

thole[1] (ٿول) **n.** a pin in the gunwale of a boat to keep the oar in place; a peg, ٻيڙيء جي اولي رکڻ لاء ڪلو يا ميخ. چير، ڪلي، ڪولٽي، هٿيو، مٺيو.

thole[2] (ٿول) **vt, vi.** to endure; to suffer, ميڻ، برداشت ڪرڻ، سهڻ، جتاء ڪرڻ، هلڻ، ٽڪڻ.

tholobate (ٿولو بيٽ) **n.** the substructure of a dome or cupola, ونگ يا محراب جو هيٺيون حصو، گنبذ جي بيهڪ لاء تيار ڪيل اڏاوت.

tholus (ٿولس) **n.** a round building, dome, cupola, ro tomb, esp a dome-shaped tomb from the Mycenaean period, گول منزل، مقبرو، قبو، گنبذ، پراڻي زماني جي گنبذ واري اڏاوت.

thong (ٿانگ) **n.** a strap of leather; a strip; the lash of a whip or crop; a sandal held on by a thong between the toes, a flip flop; a garment, eg for wear on the beach, consisting of a narrow band of material running between the legs and attached to a cord round the waist, ڪشو، چمڙ جو پٽو، چمڙ جي پٽي يا فتيل، چمڙ جو ڇهڪ، سچ پترو، وڏي تسمو، ڏوال، سيٽ، سنهي ڪچي جهڙي پوشاڪ.

Thor (ٿار) **n.** the Scandinavian thunder-god, اسڪنڊيناويا جو گوڙ جو ديوتا.

thoracic duct (ٿاريڪڪ ڊڪٽ) **n.** the main trunk of the vessels conveying lymph in the body, سيني نالي، پاڻدي نالي.

thoraco- or thorac- (ٿاريڪو) combining form : denoting thorax, پاندو، ٻت جو پيرو، پڌر، ارهہ، ڪوڙو.

thoracentesis or thoracocentesis (ٿوري سينٽاسس) (ٿوريڪو سينٽاسس) **n.** surgery performed to draw off fluid from the pleural cavity, usu using a hollow needle inserted through the wall of the chest, سيني جراحي، سيني تپاس، سيني اندر سئي داخل ڪري (ڦڦڙ مان) پاڻي ڪڍڻ.

thoracoplasty (ٿوريڪو پلسٽي) **n.** surgery to collapse a diseased lung by removing selected portions of the ribs, سيني پيوندي، ڦڦڙ جراحي.

thoracoscopy (ٿوريڪو اسڪوپي) **n.** an instrument for examining the pleura covering the lung and the chest wall, سيني چڪاسي اوزار، ڦڦڙ ء سيني جي اندرين حصي کي تپاسڻ جو اوزار.

thoracostomy (ٿوريڪو اسٽومي) **n.** the construction of an artificial opening in the chest, usu to draw off fluid or release a build-up of air, سيني مان يا ڦڦڙن مان پاڻي ڪڍڻ لاء سوراخ ڪرڻ، سوراخ رستي پاڻيء يا هوا خارج ڪرڻ.

thoracotomy (ٿوريڪوٽامي) **n.** an incision into the wall of the chest, for drawing pus from the pleural cavity or lung, سيني جراحي، سيني وڍ ڪٽ، سيني مان گند ڪچرو صاف ڪرڻ لاء سوراخ ڪرڻ.

thorax (ٿورئڪس) **n.** the part of the body between the head and abdomen, in man the chest, containing lungs, heart etc; in insects the division that bears legs and wings; a corslet or breastplate, پچرو (ٻت جو)، پاندو، پڌر، ڇاتي سينو، ارهہ، ڪوڙو، صدر، ٻت جو پيرو.

thoria (ٿورئا) **n.** the oxide of thorium, تابڪاري معدنيات.

thorite (ٿورائيٽ) **n.** a radioactive mineral, thorium silicate, in which thorium was first discovered, by Berzelius, پيلي خاڪي معدنيات، تابڪاري معدنيات، جوهري معدنيات

thorium (ٿورئم) **n.** a radioactive metal (symbol Th; atomic no 90) resembling aluminium, used eg as a source of nuclear power, ٿوريم، تابڪاري ڌاتو، ايٽمي بجليء جي پيداوار ۾ ڪم ايندڙ مادو، جوهري مادو.

thunder-god (ٿنڊر گاڊ) **n.** a god what wields thunder, گوڙ آڻيندڙ ديوتا يا فرشتو.

thunderhead (ٿنڊر هيڊ) **n.** a distinctively rounded mass of cumulus cloud projecting above the general cloud mass, usu the precursor of the storm, گوڙ وارو ڪڪر جيڪو گهڻو ڪري طوفان واري حالت ۾ نظر ايندو آهي.

thunderous (ٿنڊرس) **adj.** producing thunder; thundery. گجندڙ، گرجڻ وارو، گرجنا وارو، ڪنوڻ ۽ گوڙ پيدا ڪندڙ.

thunder-peal (ٿنڊر پيل) **n.** a resounding noise of a thunder, گوڙ جي پڙاڏي جو آواز.

thunder-plump (ٿنڊر پلمپ) **n.** a heavy fall of rain in a thunderstorm, گوڙ سان گڏ پوندڙ تيز برسات، گجگوڙ واري برسات.

thunder-sheet (ٿنڊر شيٽ) **n.** a large sheet of tin-plate shaken to produce the sound of thunder or similar noises as a theatrical sound-effect, لوهه جي چادر جنهن کي لوڏڻ سان گوڙ جو آواز نڪري.

thunder-shower (ٿنڊر شاور) **n.** a shower accompanied with thunder, or a short heavy shower from a thundercloud, گجگوڙ واري برسات، گاج وارو وسڪارو، ڪڙڪي دار مينهن.

thunder-stone (ٿنڊر اسٽون) **n.** a thunderbolt, گرج پٿر، گاج پٿر، ڪنوڻ جو جهٽڪو، اوچتي آفت، وج، ڪڙڪو.

thunderstorm (ٿنڊر اسٽارم) **n.** a storm accompanied with thunder, generally with heavy rains, گاج وارو طوفان، ڪنوڻ وارو طوفان، گڙن وارو طوفان، آنڌي، برق باران.

thunderstrike (ٿنڊر اسٽرائيڪ) **vt.** to strike with, or as if with, lightning, ڪنوڻ جو ڪرڻ، وج ڪرڻ، وج جو جهٽڪو

thunder-stroke (ٿنڊر اسٽروڪ) **n.** a stroke or blast by lightning, ڪنوڻ جو تجلو، وج جو تمام تيز جهلڪو.

thunderstruck (ٿنڊر اسٽرڪ) **adj.** struck or blasted by lightning; struck dumb with astonishment, amazed, shocked, وج ڪريل، حيرت زده، حيرت ۾ پوڻ، ڏندين آڱريون، وسو، مڙڻ، وائڙو.

thurible (ٿوريبل) **n.** a kind of censer for incense. واسوڙو، لوبان جوگو (ٿانءُ)

thurifer (ٿوريفر) **n.** an acolyte or attendant who carries the thurible during a religious ceremony, لوبان جو گوگي هلندڙ، واسوڙو کڻڻ وارو.

Thursday (ٿرزڊي) **n.** the fifth day of the week, خميس، جمعرات.

thus (دَس) **adv.** in this or that manner; in the way mentioned or demonstrated; to this degree or extent; accordingly; state of being thus, هئين، ائين، هن طرح، اهڙيءَ طرح، هيستائين، انهيءَ طرح.

thwack (ٿئيڪ) **vt, n.** to whack; to strike, bang, beat loudly with something flat; a loud whack, سٽڻ، مار ڪڍڻ، ڳرو ڌڪ، ڪاٺيءَ سان ٺوڪڻ، ڌڪ جو آواز، دهل، ڌماڪو.

thwaite (ٿويٽ) **n.** a piece of reclaimed wasteland, خرابيءَ هيٺ آيل زمين جو سڌاريل ٽڪر، نئين آباد ڪيل ٻني، نهوڙ.

thwart (ٿاٿرٽ) **vt, vi, n, adv, adj, prep.** to cross; to cross the path of; to obstruct; to oppose; to frustrate; to balk; to set crosswise; to plough crosswise; to conflict; frustration; hindrance; a rower's bench placed across a boat; from side to side; transverse; adverse; cross-grained; being across; athwart, آڏو اچڻ، آڏو ڦرڻ، رنڊڻ، برخلاف وڃڻ، مخالف هجڻ، روڪڻ، آڏو، ليڊو، ترڇو، ڏنگو، رنڊائڻ، هر ڏيڻ، ڪيڙڻ، نا اميدي، پيچڪڙي، مخالفت، روڪ، ٻيڙيءَ ۾ چپو هلائڻ واري بينچ.

thy (ڊاء) before a vowel, of or belonging or pertaining to thee, تنهنجو، خود تون پاڻ، پنڊ.

Thyestean (ڊاٿسٽين) **adj.** cannibal, آدم خور، پنهنجي جنس وارن جو گوشت کائيندڙ (انسان).

thyine (ڊائين) **adj.** a tree supposed to be sandarach, وارليش جهڙي رس ڏيندڙ وڻ جو قسم.

thylacine (ڊائليسين) **n.** the so-called Tasmanian wolf, تسمانيه جو بگهڙ، لنڊي ڍڳ جو بگهڙ، تسمانيه جو واگهه ۽ شينهن، پٽاپٽي بگهڙ، ٿيلهي دار بگهڙ.

thyme (ٿائير) **n.** any member of the labiate genus Thymus, low half-shrubby plants with two-lipped corolla and calyx and four diverging stamens, esp the fragrant garden thyme and wile thyme, هڪ قسم جو سرهو بوٽو، بياباني قودنو، صحرائي قودنو، هن جا پن خوشبودار ٿين ٿا ۽ هن جو عرق جيوڙا مار آهي.

thymectomy (ٿائميڪٽامي) **n.** surgical removal of the thymus, ڳلي جي هڪ غدود جي جراحي.

thymelaeaceous (ٿمليش) **n.** the family of trees and shrubs with simple leaves and tough bark to which Daphne (spurge laurel) belongs, غار بوٽي جي قسم جو وڻ يا بوٽو، گل دار ٿارين وارو بوٽو.

thymic (ٿائمڪ) **adj.** of or relating to the thymus, قودني لاڳو.

thymidine (ٿائمڊين) **n.** a nucleoside of thymine, found in DNA, ورثاتي جيوڙي جو هڪ جز.

thymine (ٿائمين) **n.** one of the four bases in dexyribonucleic acid (DNA), in close association with adenine, ورثاتي جيوڙي جي چئن بنيادي جزن مان هڪ جز.

thymocyte (ٿائموسائٽ) **n.** a lymphocyte found in the thymus, ڳلي جي غدود جو هڪ سفيد گهرڙو.

thymol (ٿائمل) **n.** an anticeptic phenol obtained from oil of thyme by distillation, قودني جوهر، جهنگلي قودني زهر، ڪير محفوظ مرڪب، ٿائمي بوٽي جو ست، جيت مار دوا.

thymus (ٿائمس) **n.** a ductless gland near the root of the neck, producing white blood cells at early ages but vestigial in adult humans, that of veal and lamb being called neck sweetbread, هڪ ڪنڌ جي غدود جو نالو جو جواني جي اچڻ تي غائب ٿي ٿو، ڪچي چوپائي جانور جي ڪنڌ جو گوشت، ٽڙيءَ وارو ڳوڙهو يا غدود، ڪوڪڙو.

thyratron (ٿائريٽران) **n.** a gas-filled valve with heated cathode, able to carry very high currents, گئس ڀريل ڍڪڻو.

thyro-, thyreo- or **thyr-** (ٿائرو، ٿريو) combining form : denoting thyroid, ڳچي، ورقي، ڳلو، ڳلي جو غدود.

thyroid (ٿائرائڊ) **adj, n.** shield-shaped; pertaining to the thyroid gland or the thyroid cartilage; the thyroid gland, a ductless gland in the neck which secretes thyroxin, whose over activity may lead to exophthalmic goitre and swelling of the eyeballs, and whose malfunction may lead to cretinism; the principal cartilage of the larynx, forming the Adam's apple, ڳچيءَ وارو، ڳلي لاڳو، ورقي، ڍال جهڙو، سپر جهڙو، گهنڊي، ڳچيءَ جو هڪ غدود جيڪو مليءَ بيماريءَ ۾ سڄي ويندو آهي.

thyroidectomy (ٿائرائڊيڪٽامي) **n.** the surgical removal of the thyroid gland, ڳچيءَ جي غدود جي جراحي، ورقيه غدود جي جراحي.

thyroiditis (ٿائرائڊائٽس) **n.** inflammation of the thyroid gland, ڳلي سوڄ، ورقي درد.

Thyrostraca (ٿائرو سٽريڪا) **n.pl.** the cirripedes, ڏاڱيدار پيرن وارا جاندار، تندوريدار پيرن وارا صدفن ۾ سپن جا مختلف قسم.

thyrotoxicosis (ٿائرو ٽاڪسيڪوسس) **n.** hyperthyroidism; with goitre and exophthalmia, Grave's disease, ڳلي جي خطرناڪ سوڄ، ڳلي جي غدودن جو تمام گهڻو سڄڻ ڪري ٽڙيءَ جو بند ٿيڻ، خناق يا تشنج جي بيماري.

thyrotropin or **thyrotrophin** (ٿائرو ٽروپن) **n.** a hormone, produced in the anterior lobe of the pituitary glands, which stimulates the thyroid gland, ڳلي جي غدود يا ورقي غدود ۾ پيدا ٿيندڙ هارمون يا جوهر.

thyroxin or **thyroxine** (ٿائروڪسن) **n.** an iodine compound, the hormone forming the active principle of the thyroid gland, ڳلي محرڪ، ڳلي غدود مادو.

thyrsus (ٿرسس) **n.** the wand of Bacchus, a staff wreathed with ivy; a dense panicle broadest in the middle, in the lilac and grape, esp one whose lateral branches are cymose, شراب جي ديوتا جي لٺ، هيءَ لٺ صنوبر وانگر هئي ۽ ان تي انگور جي ول ويڙهيل هئي، منشاري گل يا گل عشق پيچ جي ول، عصا، ڏنڊو، گهڻ گلو، گهڻ گلدار بوٽو.

Thysanopetra (ٿسناپٽيرا) **n.pl.** an order of insects with fringed wings, some of which are serious pests to fruit, such as thrips, جهالر پردار جيتن جو سلسلو، ٽڙي جهڙا جيت، رس چوس ڪيڙا يا جيت.

Thysanura (ٿس نوريا) **n.pl.** the bristle-tails, an order of small wingless insects with abdominal appendages, بغير پر جيت سلسلو.

thyself (داءِ سيلف) **pronoun.** emphatic for thou or thee; reflexive for thee, تون پاڻ، تون خود، تون ئي، پنهنجو پاڻ.

ti (ٽي) **n.** a small Pacific liliaceous tree of the Cordyline genus, with edible roots, whose sword-shaped leaves are used for thatching and fodder, وڻ جو قسم جنهن جي پاڙ کاڄڙو ۽ پن چاري طور استعمال ٿيندا آهن.

tiara (ٽيارا) **n.** a richly jewelled semicircular head-ornament worn by women; the Jewish high-priest's mitre; the pope's tripe crown; the papal dignity, تاج، چٽ، مُڪٽ، يهودي وڏي پادريءَ جو چٽ، پوپ جو تاج.

Tib (ٽب) **n.** used as a typical woman's name; the ace of trumps in gleek, پرُوي، رنگيلي، چنار، (پتي راند ۾) رنگ جو يڪو.

Tibet or **Thibet** (تبت) **n.** an autonomous region in W China, with the Himalayas in the south; a woollen stuff generally printed in colours; a heavy goat's-hair fabric used instead of fur, تبت ملڪ، هماليہ جبلن جي اتر جو ملڪ جيڪو هاڻي چين جو حصو آهي، دنيا جو سڀ کان مٿاهون آباد علائقو جنهن کي دنيا جي چٽ چيو ويندو آهي، هي ٻڌ مت جو مرڪز به آهي، تبت ڏکڻ ايشيا کي پاڻي مهيا ڪرڻ جو مرڪزي علائقو به آهي، رنگين اوني ڪپڙو، ٻڪريءَ جي ڏاس جو ڪيس يا ڪتو.

tibia (ٽبيا) **n.** the shinbone, the thicker of the two bones of the leg below the knee in humans; the corresponding bone in other vertebrates; the tibiotarsus in birds; the fourth joint of an insect's leg; an ancient flute or pipe, نري، پني، نريءَ جو هڏو، چنگهہ جي هڏي، ٻڪيءَ جي نري، پکين جي ٽنگ جو هڏو، جيت جي ٽنگ جو چوٿون طبقو ۽ سنڌ، پراڻي زماني جو بين جهڙو ساز.

tibiotarsus (ٽبيوٽارسس) **n.** (in birds) a bone formed by the fusion of the tibia and some of the tarsals, جهڙن جي ٽنگن جي بيهڪ ۽ سنڌ، نريءَ وارو پکيءَ جو چنبو.

tibouchina (ٽبوڪائنا، ٽبوڪينا) **n.** a plant of the genus of shrubs and herbs with purple flowers, واڱڻائي گلن وارو هڪ ٻوٽو، واڱڻائي گلن واري جڙي ٻوٽي.

tic (ٽڪ) **n.** a convulsive (esp nervous) twitching of certain muscles, esp of the face; an involuntary habitual response, چڪ، آڪڙ، سيٽ، تشنج، جاڙي هڻڻ، منهن جي مشڪن جو پاڻ مرادو هلڻ.

tical (ٽڪال) **n.** an obsolete Siamese silver coin, about equal to a rupee, replaced by the baht; a unit of weight, سيام (هاڻ ٿائلنڊ) ملڪ جو پراڻو چانديءَ جو سڪو جيڪو رپئي جي برابر هو، وزن جو ماڻ.

ticca (ٽڪا) **adj.** hired (Hindi), پاڙي تي ڪيل، مسواڙ تي ورتل، ٺيڪي جو.

tice (ٽائس) **vt, n.** to entice; an enticement; a yorker, ڏٺائڻ، لاڇائڻ، ڏتار، لالچ، (ڪرڪيٽ راند ۾) ٺمار ويجهو ڪرايل بال.

tichorrhine (ٽائڪو رائن) **adj.** having an ossified nasal septum, as the fossil woolly rhinoceros, ٽڪ مٿان سڱ نما بيهڪ، گينڊي جو ٽڪ وارو سڱ جهڙو اپار.

tick[1] (ٽڪ) **n, vi, vt.** small distinct noise; a small dot; the sound of watch, clock; a beat; a moment; a small marker used to indicate or mark off anything as checked, dealt with, required, correct; a light tap or pat; the game of tig; to make a sound like a mechanical clock; to beat time; to work, by operated; to tap, pat; to mark with a tick; to measure, record, indicate by ticking sound; to dot, ٽڪ ٽڪ جو آواز، ڏڪ، نشان، چڪاس يا پرک ڪري شيءِ يا تفصيل تي نشان ڪرڻ، هڪ راند جو قسم، هلڪي ٺڪڪي، گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ جهڙو آواز، وقت ٻڌائڻ، ڪم ڪرڻ، استعمال ڪرڻ، هلائڻ، ٺڪ ٺڪ ڪرڻ، ٽڪ جا نشان لڳائڻ، ماپڻ، مٽڻ، لکي رکڻ، نشان ڏيڻ، وڄائي (وقت) ٻڌائڻ، ٽبڪو ڏيڻ.

tick[2] (ٽڪ) **n.** any of the large blood sucking mites of the Acarina order, applied also to the sheep-ked and similar degenerate blood sucking parasitic on cattle and horses; a parasitical mite; a small and objectionable person, چچڙ، چڃي، جئُون، ليک، چچڙي، ٻگهي، بلا، جڃو، ٿرڙو، لنڊا رت چوسيندڙ جيو، ننڍو ۽ ڪنو ماڻهو، بي افعالو، بد تميز، اڻ وڻندڙ انسان، معمولي ماڻهو.

tick[3] (ٽڪ) **n.** the cover of a mattress; ticking, کچو، ڪلّ.

tick[4] (ٽڪ) **n, vi.** credit, delayed payment; trust; to get or give credit, اعتبار، اوڌر، (رقم) پندڻ، لڻ ڏيڻ، پتو ڏيڻ، وارڻ، اوڌر وٺڻ يا ڏيڻ، رکت، کٽت، کٽت ڪٽائڻ يا ڪٽڻ.

tick[5] (ٽڪ) **n.** crib-biting; a whimsy, (گهوڙي يا جانور جو) لغام يا آهر کي ڪائڻ يا چٻاڙڻ، گهوڙي جو هوا پيئڻ، ريچڪ، جُنجڪي، ترنگ، لهرو.

tick bird (ٽڪ برڊ) **n.** the ox-pecker, وهيو ۽ مينا جي نسل جو آفريڪي وهيو پکي جيڪو جهنگلي جانورن تي ويهي انهن تان چچڙ ۽ ڪيڙا ماڪوڙا چونڊي کائيندا آهن.

ticked (ٽڪڊ) **adj.** ticked off; speckled, ٽڪ ڪيل، نشان لڳل، چٽيل، چٽڪمرو، چٽ چٽ.

ticker (ٽڪر) **n.** anything that ticks, esp a telegraph

instrument that prints signals on a tape, or a watch; the heart, ٽڪ ٽڪ ڪندڙ، گهڙيءَ جو آواز، ساعت، گهڙي، نرخ نما، آلہ نرخ، دل، ڌڙڪندڙ.

ticker tape (ٽڪر ٽيپ) **n.** paper ribbon on which a ticker prints; anything similar, such as a streamer, ٽائيپ مشين جي ڪاغذي ربين، رنگين جهنڊي، لڙي.

ticket (ٽڪيٽ) **n, vt.** a label, card, slip, or placard bearing a notice or serving as a token of any right or debt, for admission, travel by public transport, penalty for some offence; a tag or label, esp on showing the price, size of the item to which it is attached; a certificate; discharging from the army; a list of candidates put forward by a party for election; any or all of the principles associated with a particular political party; a visiting-card; to issue a ticket to ; to label, to designate for a particular use, ٽڪيٽ، ٽڪس، چٽي، چٽي، پروانو، ڪارڊ، پرچي، اوڌر وٺڻ يا ڏيڻ جو ڪاغذ، ريل يا سنيما جي ٽڪيٽ، ڪپڙي جي چنڪي، نشانيءَ وارو ڪاغذ، سرٽيفڪيٽ، سند، چالان، فوج مان خارج ڪرڻ وارو ڪاغذ، چونڊن ۾ اميد وار کي مليل پروانو، تعارفي ڪارڊ، ٽڪيٽ ڏيڻ، چنڪي لڳائڻ، ڪنهن خاص استعمال لاءِ ڏيکارڻ (جي چنڪي).

ticket-collector (ٽڪٽ ڪليڪٽر) **n.** a person who is employed to collect tickets, esp from railpassengers, ٽڪيٽ جمع ڪندڙ، ريل ۾ ٽڪيٽون چڪاسيندڙ بابو، ٽي ٽي.

ticket-day (ٽڪيٽ ڊي) **n.** the day before settling-day on the Stock Exchange, when notes of transactions completed are received, حصن جي ڪاروبار ڪرڻ وارن جو ڏيتيءَ ليتيءَ وارو ڏينهن.

ticket-holder (ٽڪيٽ هولڊر) **n.** a person possessing a ticket, for a concert or other event, سنيما لاءِ ٽڪيٽ حاصل ڪيل ماڻهو، داخلا ٽڪيٽ ورتل.

ticket-punch (ٽڪيٽ پنچ) **n.** an instrument for punching holes in tickets, هڪ ٽڪيٽ ۾ سوراخ ڪرڻ وارو اوزار، سوراخي اوزار.

ticket-writer (ٽڪيٽ رائيٽر) **n.** an expert in lettering who writes placards for ship windows, etc, دڪانن ۾ مشهوريءَ لاءِ لڳل ڪاغذ تيار ڪرڻ وارو، اشتهاري ڪاغذ تيار ڪندڙ، ڪاتب، ڪتابت ڪندڙ.

tickety-boo or **tickettyboo** (ٽڪيٽي بو) **adj.** fine, satisfactory, سٺو، واهه جو، پسنديده، دلجاءِ جهڙو، دل گهريو، دل پسند، من پسند، خاطر خواهه.

tickey or **ticky** (ٽڪي) **n.** a former S African coin, a threepenny-bit; now used of a decimal coin of small denomination, ڏکڻ آفريڪا جو پراڻو سڪو، ٽمار ننڍو سڪو، ڏهائي سرشتي جو ننڍو سڪو، پئسو.

tick fever (ٽڪ فيور) **n.** Rocky Mountain spotted fever or any similar disease transmitted by ticks; East Coast fever; Texas fever, چچڙي تپ، چوپائي مال جي بيماري جيڪا خوردي جيوڙي ڪري لڳي ٿي.

tickle (ٽڪل) **vt, vi, adj, n.** to excite with a pleasant thrill; to please; to flatter; to puzzle; to produce a disturbing feeling by a light touch, tending to excite involuntary laughter, accompanied by attempts to wriggle free; to amuse; to perplex; to touch lightly, esp when catching fish using the hands; to beat; to be the side of tickling or itching feeling; to tingle; unstable, in unstable equilibrium, delicately set, insecure; ticklish, nice; an act or feeling of tickling; a slight touch; of the ball with the bat, ڪتڪتائي ڪرڻ، ڪلائڻ، خوش ڪرڻ، ڪتڪتائڻ، ڪتڪتائي ٿيڻ، ملڪو هٿ رکڻ، ڪل ڏياريندڙ ڏڪ يا هٿ، راضي ڪرڻ، پرچائڻ، آهستي ڏڪ هڻڻ، ٺڪ ڪرڻ، خارش، لڏندڙ، لمندڙ، خارش وانگر محسوس ڪرڻ، بال کي آهستي ڏڪ هڻڻ.

tickler (ٽڪلر) **n.** one who or a thing which tickles; a puzzle, a difficult problem; a feather-brush; a poker; a cane; a device for reminding; a dram of spirits, ڪلائيندڙ، ڪل آور، پڄهارت، پرولي، اوکو مسئلو، مشڪل ڳالهه، ڪتڪتائي آڻيندڙ، پرن يا ڪنين جو پرس، سوٽو، چڙهي، ياد ڏيارڻ لاءِ نشاني، شراب جو تمام هلڪو ڍُڪ، پيگ.

ticklish (ٽڪلش) **adj.** easily tickled; touchy; difficult; critical; needing careful attention, treatment; unstable, precarious; easily affected; nice; مشڪل، نازڪ، ناپائدار، تيز حواس، همدو، جلد خوش ٿيندڙ، ڪتڪتائي ٿيندڙ (هنڌ)، دقيق، نازڪ (سوال)، مشڪل، منجهائيندڙ (مسئلو)، ڌيان چڪائيندڙ، پريشان ڪندڙ، معمولي ڳالهه.

tick-shop (ٽڪ شاپ) **n.** a shop where goods are given on credit, اوڌر تي شيون يا سودو ڏيندڙ دڪان.

tick-tack[1] (ٽڪ ٽڪ) **n, adj, adv.** ticking of a clock; bookmaker's telegraphy by arm signals; with recurring ticking, گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ جو آواز، پراڻي زماني ۾ تار جو نظام.

tick-tack[2] (ٽڪ ٽڪ) **n.** a kind of manual semaphore signalling used by racecourse book makers to exchange information, گهوڙن جي ڊوڙن لاءِ اڳڪٿي ڪرڻ وارن جو پاڻ ۾ هٿن جي آواز يا اشارن رستي خبرچار ڏيڻ جو طريقو.

Tick-tick (ٽڪ ٽڪ) **n.** a native or inhabitant of Costa Rica, ڪوسٽاريڪا ملڪ جو اصلوڪو باشندو يا رهاڪو.

tick-tick (ٽڪ ٽڪ) **n.** a ticking; a child's word for a watch, ٽڪ ٽڪ جو آواز، واچ لاءِ ٻاراڻو لفظ.

tick-tock (ٽڪ ٽاڪ) **n.** a ticking, as of a big clock; a tapping; a child's word for a clock, ٽڪ ٽڪ جو آواز

خاص ڪري وڏي گهڙيال جو. گهڙيال لاءِ پارالو لفظ. ڏڪ ڏڪ جو آواز.

tid (ٽِڊ) **n.** fit time or condition; a mood, مناسب موقعو يا وقت. پورو وقت يا موزون حالت. مناسب حالت. طبيعت. مزاج. منو ياءُ.

tidal (ٽائي ڊل) **adj.** of, depending or regulated by the tide; flowing and ebbing, وير جو. وير مداري. ويرائون. لهري. سيلابي. سيلاب. لهر. ٻوڏائون. لهندڙ. چڙهندڙ.

tidal flow (ٽائي ڊل فلو) **n.** the regulated movement of traffic in both directions along a multi-laned road, the numbers of lanes for travel in each direction being governed by the amount of traffic travelling in that direction, شهرن ۾ گاڏين جي آمدرفت ڪي وقت مطابق هلائڻ جو نظام جنهن ۾ اچڻ ۽ وڃڻ وقت گاڏين ڪي رستي جو وڌيڪ حصو ڏنو وڃي ٿو جيئن آمدرفت ۾ رواني برقرار رهي.

tidal power (ٽائي ڊل پاور) **n.** (the generation of electricity by harnessing) the energy of tidal flows, لهري يا وير واري اثر رستي بجلي حاصل ڪرڻ جو طريقو.

tidal wave (ٽائي ڊل ويو) **n.** a huge wave caused by the ties; improperly, a huge wave started by an earthquake and running on with its own momentum; a widespread demonstration of public opinion, feeling; the tidewave, وهڪري جي لهر. لهري لاهه چاڙهه. تمام وڏي لهر جو چڙهي اچڻ (خاص ڪري زلزلي واري حالت ۾). عوام جو پنهنجي راءِ ڏيڻ لاءِ تمام گهڻي تعداد ۾ هڪ هنڌ جمع ٿيڻ. جذبات کي ظاهر ڪرڻ جو طريقو.

tiddle (ٽڊل) **vi.** to potter, trifle, نڪر جا ٽالو ٽاهيندڙ. ڪنيي. معمولي ڳالهه.

tiddler (ٽڊلر) **n.** as mall fish, a minoow or a stickleback; any very small person or thing, ننڍي مڇي. ڪرڙي. ڪانٽ پني مڇي. تمام ننڍو ماڻهو. ادني. معمولي شيءِ.

tiddley (ٽڊلي) **adj.** smart and trim, پوشاڪيل. سهڻي ٻيهڪ واري پوشاڪ.

tiddly[1] (ٽڊلي) **adj, n.** slightly drunk; alcoholic drink, نشي ۾. مَوَ ۾. مخمور. خماريل. شراب.

tiddly[2] (ٽڊلي) **adj.** small, tiny, معمولي. ننڍو. ذرو. ذرڙي.

tiddlywink (ٽڊلي ونڪ) **n.** any of the discs used in tiddlywinks, or tiddledywinks, a game in which one attempts to flip a small disc into a cup by pressing its edge with a bigger one; an unlicensed pawnshop or beer-house, هڪ راند جو قسم. غير قانوني گروي جي ڏلڏي وارو دڪان. غير قانوني گٽو. شراب جو ڪاروبار.

tiddy[1] (ٽڊي) **n.** the four of trumps at gleek, راند ۾ رنگ جا چار پتا.

tiddy[2] (ٽڊي) **adj.** very small, ذرو. ذرڙو. تمام ننڍو.

tide[1] (ٽائيڊ) **vi.** to happen, ٿيڻ. ٿي پوڻ. وجود ۾ اچڻ.

tide[2] (ٽائيڊ) **n, vt, vi.** ebb and flow, esp of the sea twice daily, caused by the gravitational pull of the sun and moon; time, season; a time of ebbing, of flowing or both; a sudden access or flood of feeling; a time or season; a festival; opportunity; a trend; sea-water; a flow; a river; river water, or current; flood tide; denoting a time or season; to run like the tides, وير. لهر. موج. جهار. جوار. وهڪرو. سيلاب. وقت. موسم. سيلابي موسم. لاڙو. رخ.مند. وار. زماني جو دؤرو. ياڳ. قسمت جو ڦيرو. لهرن وانگر لهڻ چڙهڻ. طبيعت جو ڦيرو: جذبات جو ٻڙڪڻ.

tide-gate (ٽائيڊ) **n.** a gate that admits water at flood-tide and retains it at ebb, دروازو جيڪو پاڻي چڙهڻ واري وقت پاڻي وٺي مگر مقرر حد کان وڌيڪ واپس نہ ڪري. پاڻيءَ کي ضرورت واري حد تي رکڻ جو نظام.

tide-gauge (ٽائيڊ گيج) **n.** an instrument for registering the state of the tide continuously, وير کي ماپڻ وارو اوزار. وير پيما. لاهه چاڙهه پيمانو.

tide-land (ٽائيڊ لينڊ) **n.** land which is submerged at high tide, وير چڙهڻ وقت پاڻيءَ ۾ ٻڏي وڃڻ وارو زميني علائقو.

tideless (ٽائيڊ ليس) **adj.** having no tide. بنا وير جي.

tide-lock (ٽائيڊ لاڪ) **n.** a lock by which ships may pass out or in at all times of the tide, ويرن رستي جهازن کي هڪ ساموندي وهڪري کان ٻئي حصي ۾ هلائڻ جو دروازن رستي ٻيهاريل نظام.

tide mark (ٽائيڊ مارڪ) **n.** a line on the shore made by the tide at the water's highest point; a maker indicating the highest point reached by the tide; a mark of the limit of washing, وير نشان. وهڪري جو نشان. وير يا وهڪري ڪري زمين تي ڪاڙ جو نشان.

tide mill (ٽائيڊ مل) **n.** a mill with a waterwheel moved by tidewater, وير رستي هلندڙ چرخي.

tide over (ٽائيڊ اوور) to carry someone over, to get over a critical or difficult period, ٿوري وقت لاءِ مصيبتن تي فتح پائڻ. (مشڪلات مان) پار لنگهڻ. حالتن کي ضابطي ۾ آڻڻ.

tide race (ٽائيڊ ريس) **n.** a swift tidal current, (وير ڪري) پاڻيءَ جو تيز وهڪرو.

tide table (ٽائيڊ ٽيبل) **n.** a table of times of high tide, ويرن جي لهڻ ۽ چڙهڻ جو چارٽ.

tide-waiter (ٽائيڊ ويٽر) **n.** a tidesman; a person who waits to see how things go before acting, محصول اڳاڙيندڙ عملدار جو جهاز اچڻ لاءِ ترسي پوڻ. جهازن جو اجاريدار. پنهنجي راءِ ڏيڻ (يا عمل ڪرڻ) کان اڳ ۾ عوام جو رايو حاصل ڪندڙ.

tide way (ٽائيڊ وي) **n.** a track followed by the tide, esp a channel through which there is a strong current or tide, وير چڙهڻ وقت وهي هلندڙ واهڙ.

tidings (ٽائيڊنگس) **n.pl.** news or information, اطلاع، خبر، سڌ، سماچار، معلومات.

tidy (ٽائيڊي) **adj, n, vt.** trim; clean and orderly; neat; moderately large; fairly good or big; considerable; seasonable; in good condition or order; plump; comely; shapely; a receptacle for odd scraps; a cover for a chair-back; an act of tidying; to make neat and tidy; to clear away for the sake of tidiness, صاف، اڇو اجرو، سٺائتو، وڏو، گهڻو، موسمي، وقتائتو، سٺي حالت ۾، سيدو، سپهتو، سجلائتو، آرام ده، ۾ سليقه، سجلو، صاف سٿرو ڪرڻ، هر شيء کي پنهنجي جڳهه تي رکڻ.

tie (ٽاء) **vt, vi, n.** to bind; to fasten; to knot; to make a knot; to restrict, restrain; to unite; to oblige; to constrain; to mark with a cured line indicating that they are to be played as a single sustained, not repeated, note; to perform music in this way; to limit; to oblige; to equal in competition; to subject to bonds; to confirm; to ligature; to make an artificial fly for angling; to be equal in votes, scores; (of dogs) to linger on the scent; a knot, bow; a bond; a string, ribbon for tying; a band of material passed under the collar of a shirt, and tied under the chin; a shoe; a structural member sustaining only a tension; a railway sleeper; a restraint; an obligation; an equality in numbers; a mode of tying; a tie-wig, ٻڌڻ، ڳنڍ، ٻنڌڻ، ناتو، لاڳاپو، ڳلابند، ڳرهه، عقد، جوڙڻ، ڳنڍ ٻڌڻ، (ٻيڙي) واڳڻ، (گهوڙو) خصي ڪرڻ، (زبان) بند ڪرائڻ، سانگهارڻ، ملائڻ، ڳنڍڻ، پابند ڪرائڻ، راند ۾ مٽو مٽ، برابر، نه کٽڻ نه هارائڻ، ٽاء ٻڌڻ، بوٽ جي ڪهي ٻڌڻ، عمارتي جوڙ جڪ جي بيهڪ، ڇت جو الڳ ٻڌڻ جو طريقو، بيهڪ، جوڙبند، جوڙ شهتير يا ڪامر.

tie-back (ٽاء بئڪ) **n.** a length of fabric or ribbon used to tie a curtain to one side, پردي کي هڪ طرف ٻڌي بيهارڻ لاء ڪم ايندڙ پٽي يا رسيء جو ٽڪر.

tie-beam (ٽاء بيم) **n.** a beam connecting the bottom of two rafters to prevent their moving apart, جوڙبند، جوڙ شهتير، جوڙ ڪامر.

tie-break (ٽاء بريڪ) **n.** a number of points played at the end of a tied set to decide the winner; generally, a situation in a contest when a tie-breaker is required to decide the winners (tennis), (ٽينس راند ۾) اهڙو مرحلو جو راند کي هڪ پاسي ڪرڻ لاء وڌيڪ وقت يا وڌيڪ ڏڪ هڻڻ لاء موقعو ڏنو وڃي.

tie-breaker (ٽاء بريڪر) **n.** a tie-break; any games, questions or competitions intended to break a tie and decide a winner, راند ۾ مٽو مٽ يا برابريء کي ختم ڪري کٽندڙ جي چونڊ ڪرڻ.

tie clip (ٽاء ڪلپ) **n.** an ornamental clip which attaches one's tie to one's shirt, ٽاء کي لڳڻ وارو ڪلپ يا چپٽو.

tied (ٽائيڊ) **adj.** having been tied; having a draw or equality as a result; (of a public house or garage) denoting one whose tenant is obliged to get his or her supplies from one particular brewer or distiller, or oil- and petrol-producer; (of a house, cottage) denoting one whose tenant may occupy the premises only as long as he or she is employed by the owner, ٻڌل، متوسط، نه کٽڻ نه هارائڻ واري حالت، عوامي جاء کي استعمال ڪرڻ واري تي پابندي ته هو ضرورت جون شيون، (پيٽرول وغيره) هڪ مقرر هنڌان وٺندو، ملازم کي مهيا ڪيل رهائش جيڪا نوڪري ختم ڪرڻ تي خالي ڪرڻي هجي.

tie-dyeing (ٽاء ڊائنگ) **n.** a method of hand-dyeing textiles in which patterns are produced by binding or knotting parts of the fabric so as to resist the die, ڪپڙن کي ڳنڍيون ٻڌي يا ڌاڳا ويڙهي رنگ ڪرڻ جو طريقو.

tie-in (ٽاء ان) **n.** a connection; something, esp a book, which ties in with, is connected or promoted with something else, eg a film or TV programme, جوڙڻ، ملائڻ، ڳنڍڻ، مشهور ڪرڻ، اهڙو ڪتاب جيڪو ڪنهن خاص شيء سان لاڳاپيل هجي.

tie line (ٽاء لائين) **n.** a telephone line used solely for connecting two private branch exchanges, ٻن مختلف فون جي نظامن کي ملائيندڙ تار.

tie-neck (ٽاء نيڪ) **n, adj.** a collar terminating in two long pieces that can be tied in a bow, under the chin; (of a blouse) having a tie-neck, ٽاء جي ڳلي واري قميص، ڪالر واري مرداڻي يا زناني قميص.

tie-pin (ٽائي پن) **n.** an ornamental pin for securing one's tie to one's shirt, ٽاء کي لڳائڻ واري ننڍي پن.

tier (ٽيئر) **n, vt & vi.** a row, level, rank, or layer, esp one of several placed one above another; a row of guns; a mountain range; to pile or be piled in tiers, ٻوڪي، پانڌلو، پارونو، ٻڌندڙ، صف، سنيهر، ٻڌندڙ، پاڙو، درجو، قطار، جبلن جي قطار، توپن جي قطار، صفن ۾ بيهارڻ.

tierce[1] (ٽيئرس) **n.** a measure equal to one-third of a pipe (of wine); appox 35 British or 42 US gallons; a cask or vessel of that capacity; a sequence of three cards of the same suit; a parrying position or the corresponding thrust; the third canonical hour of the day (ending 9 am); the canonical office tak-

ing place at that hour, ٢٥ يا ٤٢ گيلن جو پيمانو، وڏو پيپ، ڊبو، پتن جو سيٽ، رڱن، تائين بجي تائين صبح جي عبادت جو وقت، صبح جي عبادت.

tierce[2] or **tierced** (تيرسڊ) **adj, n.** (of the surface of a shield) divided into three equal parts, each of a different metal or colour; (in horse racing) a system of betting by which the first, second and third horses must be named in the right order, or a race for which this system obtains, (زمين جو متاچرو) ٽن برابر حصن ۾ ورهايل، ٽن مختلف رنگن يا ڌاتن مان ٺاهيل تختو يا پٽي، گهوڙن جي ڊوڙ ۾ پهريون، ٻيون ۽ ٽيون نمبر ايندڙ گهوڙن جو اعلان ڪرڻ.

tierceron (ٽرسران) **n.** (in vaulting) a subordinate rib springing from the intersection of two other ribs, گهوڙن جي رنڊڪن واري ڊوڙ ۾ رکيل مختلف رنڊ ڪون.

tie-rod (ٽاءِ روڊ) **n.** a rod, in a vehicle, that prevents parts from moving apart, جوڙ سيخ، موٽر گاڏين ۾ انجڻ ۽ ڦيٿن کي جوڙيندڙ سيخ.

tie-up[1] (ٽاءِ اپ) **n.** a standstill; an entanglement; a connection; a business association; tape for tying a bookbinding or portfolio; an animal tied up for a bait, مونجهارو، سڪ ٽي بيهڻ، ڦاسي پوڻ، جوڙ، ڳنڍ، ڪاروباري ماڻهن جي جماعت، ڪتابن يا ڪاغذن کي ٻڌڻ واري پٽي، شڪار ڦاسائڻ لاءِ ٻڌل جانور.

tie-up[2] (ٽاءِ اپ) **vt.** to parcel up with string; to tie so as to remain up, hanging; to tether, secure or bind by thing; to moor; to invest, make illiquid (funds); to secure against squandering, alienation, or restrict the use of, by conditions, رسيءَ يا ڌوريءَ سان ٻڌڻ، ٻڌي ڇڏڻ، (جانور) ٻڌي بيهارڻ، ٻڌل شيون، (پئسا) سيڙائڻ، ڪم آڻڻ، ڌنڌي ۾ لڳائڻ، ضايع ڪرڻ کان بچائڻ، ڍڪي ڇڏڻ، استعمال گهٽائڻ، ڪنجوسي ڪرڻ، هٿ روڪڻ.

tie-wig (ٽاءِ وگ) **n.** a wig tied with ribbon at the back, ربن يا پٽيءَ سان ٻڌل ٻاهريان وار.

tiff[1] (ٽف) **n, vi.** a slight quarrel; a fit of peevishness; a display of irritation; a pet; huff; to be in a huff; to squabble, تڪرار، رد بدل، چڙ، اڻ ٺاهه، معمولي ڇڙو، فساد، رسڻ، روسامو، تيسو، خار، ڪاوڙ، خفو، جولان، جهل.

tiff[2] (ٽف) **n.** stale, sour, or thin liquor; a sip; a dram; to sip; to drink; to lunch, ٻاروٿو، کارو، ڪتو، پاڻي پيل شراب، (شراب جي) سرڪي، ڍڪ، چُڪي، چکو، پيڻ، کائڻ.

tiff[3] (ٽف) **vt & vi.** to dress, trick out, پهرڻ، الڪل ڪرڻ، الڪل بازي.

tiffany (ٽفني) **n, adj.** a silk-like gauze; a very thin silk; of tiffany; transparent, سنهي ململ يا ريشمي جاري، اگهڙ نه ڍڪيندڙ ڪپڙو يا پوشاڪ.

tiffin (ٽفن) **n.** a lunch; a lunch-box, منجهند يا ٻن پهرن جي ماني، منجهند جي ماني، ماني ڪٺي وڃڻ وارو ٽانڊو.

tifosi (ٽفوسي) **n.pl.** fans, devotees, esp of some sport, (ڪنهن راند جا) شوقين،مداح، پرستار، مشتاق، چاهيندڙ.

tig (ٽگ) **n, vt.** a touch; a twitch; a game in which someone who is 'it' chases the others, the person he or she touches then becoming 'it'; to touch, esp in the game of tig, (پيار سان) هٿ لائڻ، چپي ڏيڻ، چپڻ، چڪڻ، چڪي پائڻ، چپي، چڪ، مروٽجڻ، سيٽجڻ، سيٽ، مروڙ، ڊوڙي جهڙي راند، پڪڙڻ يا ڪاپائڻ واري راند.

tig[2] (ٽگ) **n.** an old drinking-cup with two or more handles, ٻه يا ٻن کان وڌيڪ هٿين وارو مگ.

tige (ٽيز) **n.** the shaft of a column (Fr), ٿل جي سيخ، ڏري.

tiger, tigress (ٽائيگر، ٽائيگريس) **n.** a fierce, yellowish, black-striped Asiatic animals, one of the two largest cats; the leopard; the jaguar; the puma; a ferocious or bloodthirsty person; a flashy vulgarian; a formidable opponent or competitor; a boy in livery perched behind a vehicle; a yell to supplement a cheer; a tiger beetle; tiger moth, tiger shark, tiger lily, چيتو، واگهه، شينهن جانور، چيتي جي جنس جا مختلف گوشت خور جانور جن کي دنيا ۾ مختلف نالن سان سڏيو وڃي ٿو، خوني درندو، ڏکڻ ايشيا ۽ هندستان جا پٽا پٽي شينهن يا واگهه، جيئن رائل بنگال ٽائيگر، سائبيرين ٽائيگر وغيره، پاڪستان جو آخري واگهه رياست خيرپور ۾ ١٨٧٢ عيسويءَ ۾ مارجي ويو هو، رت پياڪ (ماڻهو)، سخت يا سگهارو مد مقابل يا دشمن، خاص پوشاڪ پهريل ننڍو نوڪر، رڙ واڪو ڪري سچائڻ، چيتي والگر چٽن وارو جيت، ننڍڙ، شارڪ مڇي، گل، چٽن وارا جيت ۽ پوتا، چيتي جي مادي، گل نيلوفر جو قسم، نرگس گل، ڪنول گل.

tiger badge (ٽائيگر بيج) **n.** a proficiency badge awarded by the Himalayan Club to Sherpas, شرپا يا جابلو مزورن کي ڏنلو ويندڙ همٿ وارو نشان ۽ سَنَدَ.

tiger beetle (ٽائيگر بيٽل) **n.** any flesh-eating beetle of the Cicindelidae, found mainly in warm, dry regions, گوشت خور ننڍڙ جي جنس، جيت خور ننڍڙ، جگنو، ٽانڊاڻو.

tiger cat (ٽائيگر ڪيٽ) **n.** a general name for a middle-sized striped or spotted wild cat, such as the margay, ocelot, serval etc, پٽاپٽي يا چٽڪمرين ٻلين جون جنسون، چيتي مشابهه ٻلي، چيتائي ٻلي، جهنگ ٻلو.

tiger country (ٽائيگر ڪنٽري) **n.** dense rough, گهاٽو ۽ ڏکيو (جهنگ، ٻيلو).

tiger eye or **tiger's eye** (ٽائيگر آءِ) **n.** a golden-brown stripped pseudomorph of quartz after crocidolite, used in jewellery; a pottery glaze resembling this,

پيلي رنگ جو لڪن وارو بلوري پٿر. لگ. ٻڙو. پيلو بلوري رنگ. پيلو رنگ ڪيل ٺڪر جا ٿالهوَ.

tiger fish (ٽائيگر فش) **n.** a large game fish of African rivers, آفريڪا جي ندين جي مڇي. واگهه وانگر پٽاپٽي مڇيون.

tiger-flower (ٽائيگر فلاور) **n.** a Mexican iridaceous plant with purple, yellow or white streaked flowers, چيتي جي لڪن وانگر نشان وارو واڱڻائي. پيلو يا اڇو گل.

tiger lily (ٽائيگر للي) **n.** a lily with black-spotted orange flowers, گل چيتو سوسن.

tiger moth (ٽائيگر ماٿ) **n.** any one of the Arctiidae family of moths, with long and brightly coloured wings, پٽاپٽي پتنگ. پٽاپٽي پروانو. چيتو پتنگ. واگهه صورت پتنگ.

tiger nut (ٽائيگر نٽ) **n.** the edible rhizome of Cyperus esculentus, a European sedge;the chufa, ڪپهه جي ڳنڍ پاڙ. ڪپهه گاهه موٿ.

tiger shark (ٽائيگر شارڪ) **n.** a voracious striped shark of the Indian Ocean, شارڪ مڇيءَ جو قسم. پٽا پٽي شارڪ. واگهه شارڪ.

tiger snake (ٽائيگر سنيڪ) **n.** the most deadly of Australian snakes, brown with black crossbands, خطرناڪ قسم جو زهريلو آسٽريلوي نانگ. پٽاپٽي نانگ. واگهه بلا.

tiger tail (ٽائيگر ٽيل) **n.** a type of fast-growing hybrid of worm, پٽي نسل وارو ڪينئون. تيز واڌ ڪندڙ ڪينئون.

tiger team (ٽائيگر ٽيم) **n.** a group of counter-intelligence agents who test the security of military bases; a group of computer hackers who are employed to test the secureness of a computer system, فوجي جاسوس. فوجي جاسوسن جو ٽولو. ڪمپيوٽر جي ميدان ۾ دلالي ڪندڙ. ڪمپيوٽر جي نظام جي ٻاهرين ماڻهن کان بچاءُ ڳولڻ وارن جو ٽولو.

tiger wolf (ٽائيگر وولف) **n.** the stripped and spotted hyena; the thylacine, چراخ. هاتار. چٽڪمرو جانور. تسمانيه جو هڪ وقت غير موجود نسل جو بگهڙ. پٽاپٽي چراخ جانور. ٿيلهيدار نسل وارو بگهڙ يا چراخ.

tiger wood (ٽائيگر ووڊ) **n.** any of several showy black-striped woods used in cabinet-making, ڪارن پٽن وارو ڪاٺ. ڪاٺ جو قسم. پٽاپٽي ڪاٺ.

tiggywinkle (ٽگي ونڪل) **n.** a hedgehog, ڄاهو. خارپشت.

tight (ٽائيٽ) **adj, adv, n.** close; compact; close-fitting; too close-fitting; cramped (of a schedule or timetable) allowing little space, time or opportunity for deviation from plan; (of a situation) difficult or dangerous; (of a contest) closely fought; (of style) concise; taught, not slack; (of control) very firm, strict; precise; under control; firmly fixed; impervious, not leaky, proof; trim; neat; snug; competent; hampered or characterized by lack of money; (of money or a commodity) scare, hard to obtain; unwilling to part with money, miserly; intoxicated; (of a person or muscle) showing tension, taut, not relaxed, سوڙهو. سوکهو. قابو. چاڪ. تنگ. بند. سخت. مضبوط. محفوظ. جڪڙيل. ثابت. پختو. سڀنڌ. ڏاڍو. (ڪپڙو) پڪو. چاڪ. گرم. تيز. تکو. چست. ڏکيو. گهٽ گنجائش وارو. تمام معمولي موقعو ڏيندڙ. ڏکي صورتحال. منجهائيندڙ. (مقابلو) تقريباً برابر. معمولي فرق وارو. تاڪيدي. ڪرڙو. سخت قاعدي جو. سخت پابند. خوب چوڪس. بلڪل صحيح. برابر. هڻن. ٺيڪ. درست. پورو پورو. هٿ وس. روڪيل. بنديل. جهليل. پڪو. پڪي ٻيهڪ وارو. اڇيد. اپرويس. بي ڪدر. مڪمل طور بند. روڪيل. صاف سٿرو. مناسب ٻيهڪ وارو. پوشيدو. لڪل. خفيه. ڪوسو. ڊيو. ڪجهو. بلمغتو. خلاصو. آسودو. سکيو سهنجو. هوشيار. ماهر. ڪاريگر. (پئسي ۾) تنگ. ڪنجوس. بخيل. گهٽ موجود. الاٺ. ڪمي. کهٽائي. مخمور. موَ ۾. نشي ۾. الوٽ. پيو. مشڪ. چڪيل. ڪشيل.

tighten (ٽائيٽن) **vt & vi.** to make or grow tight; to become tight. سوڙهو ڪرڻ. سيڙڻ. ڪشڻ. چڪڻ. تنگي. سامڻ. تنگ ڪرڻ. سوڙ. جڪڙڻ. تنگ ڪرڻ. سوکهو ڪرڻ.

tight end (ٽائيٽ اينڊ) **n.** a player who is positioned at the outside of the offensive line, حملي واري ليڪ کان ٻاهر بيهاريل رانديگر.

tight-fisted (ٽائيٽ فسٽيڊ) **adj.** stingy, ڪنجوس. بخيل. شوم. مرڇوهه. مرڇوس.

tight-fitting (ٽائيٽ فٽنگ) (of a garment) fitting often too close to the body, سوڙهي. تنگ سلاڪي. تنگ يا سوڙهي پوشاڪ.

tight-junction (ٽائيٽ جنڪشن) **n.** a junction between epithelial cells where the membranes are in close contact, with no intervening intercellular space, بدلي جزن جي تمام ويجهي جوڙ جڪ.

tight-knit (ٽائيٽ نٽ) **adj.** close-knit; closely integrated; tightly organized, تمام کهاٽو اٿيل. کهاٽو مليل. کهاٽي ٻيهڪ وارو. سٺي نموني بيهاريل (ادارو).

tight-laced (ٽائيٽ ليسڊ) **adj.** strait-laced, سڌيءَ ڏوريءَ وارو. سڌي جهالردار.

tight-lacing (ٽائيٽ ليسنگ) **n.** compression by the waist by tight clothes, سوڙهن ڪپڙن پائڻ ڪري دٻاءُ. چيلهه کي پٽي رسي سوڙهو ڪرڻ.

tight lipped (ٽائيٽ لپڊ) **adj.** uncommunicative, خاموش. گهٽ ڳالهائيندڙ. گونگو.

tightly (ٽائيٽلي) **adv.** in a tight manner; closely, compactly. سختيءَ سان، ڳهنيل حالت ۾، ويجهو، لاڳيتو، سٽيل، سوڙهو ڪيل، ڳتيل.

tight rope (ٽائيٽ روپ) **n.** a taut rope or wire on which feats of balancing and acrobatics are performed; a middle course between dangerous or undesirable alternatives, ڪرتب ڏيکارڻ وارن جي سخت ٻڌل رسي جنهن تي ڪرتب ڪرڻ وارو هلندو يا تماشو ڪندو آهي، درميانو رستو، وچولي صورتحال.

tights (ٽائيٽس) **n.pl.** a tight-fitting garment, often made of nylon, covering the lower part of the body and the legs, esp as worn by women and girls as an alternative to stockings; close-fitting men's breeches, تنگ، سوڙهائپ (ڪپڙن جي)، اندروني تنگ پوشاڪ، تنگ پاجامو، تنگ پتلون.

tightwad (ٽائيٽ وڊ) **n.** a skinflint, miser, بخيل، ڪنجوس، مکي چوس.

tigon (ٽائگن) **n.** the offspring of a tiger and lioness, چيتي جو ٻچو، چيتي ۽ شينهڻ جو ڳاڍڙ جنس جانور، واگهه ۽ ببر شينهڻ جي ميلاپ وارو ٻچو.

tika (ٽڪا) **n.** a red mark of pendant on the forehead of women, formerly of religious significance but now worn for ornament (Hindi), ٽڪو (عورت جو سونو زيور)، (هندو عورتن جو) تلڪ.

tike (ٽڪ) **n.** a dog; a boor; a clown. ڪتو، بيزار ڪندڙ ماڻهو، اناڙي، جٽ، واهڻي، دهقاني، اڻ سڌريل، ناٽڪي، مسخرو.

tiki (ٽڪي) **n.** an image, often in the form of a small greenstone ornament, representing an ancestor, in some Polynesian cultures worn as an amulet or charm (Maori), بُت، پُتلو، سائي پٿر تي ٺاهيل مورت، تندو مورت صورت لڳ، تائٿ، تعويذ.

tikka (ٽڪا) **adj.** denoting a dish of meat or vegetables marinated in yogurt and species and cooked in a tandoor or clay oven, chicken tikka, lamb tikka (Hindi), ٽڪو، گوشت جو باهه تي پچايل ٽڪرو.

til (ٽل) **n.** sesame (Hindi), تِرَ، ترن جو ٻوٽو.

tilapia (ٽلپيا) **n.** any member of an African freshwater genus of edible cichlid fishes, آفريڪا ۾ ٿيندڙ مٺي پاڻيءَ جي مڇيءَ جو قسم، دريا، ديور مڇيءَ جو قسم (هيءَ مڇي حالي پاڪستان ۾ به پالي وڃي ٿي ۽ سواد واري آهي).

tilbury (ٽل بري) **n.** a light-open, two-wheeled, horse-drawn carriage seating two people, ٻن ڦيٿن واري هلڪي گهوڙي گاڏي، رَٿ، ٻگي، ٽانگو، ٻگهي.

tilde (ٽلڊي) **n.** the diacritical sign over in Spanish to indicate the sound ny; used in Portuguese over a and o to indicate nasalization, اسپيني ٻاشَندن جا نڪ مان آواز ڪڍڻ يا اچارڻ وارا اکر، حرف، ڦنا لفظ.

tile (ٽائيل) **n, vt.** a slab of baked clay (or a substitute) for covering roofs, floors, walls etc; a tube-shaped piece of baked clay used in pipes for drains; a piece in the board game of mah-jongg; tiling, a tiled area; a hat; a top hat; to cover with tiles; to drain by means of tiles; to secure against intrusion by placing a person at the door; to bind to secrecy, فرشي سر، لادي، ڪپرو، نريو، ليسارو، لڙو، پڪل سر، نليو، ڇت واري سر.

tilefish (ٽائيل فش) **n.** an American Atlantic food fish noted for the sudden changes in its numbers, آمريڪي مڇيءَ جو قسم، سير مڇي جيڪا هالي ڪنڌي پئي وڃي.

tiler (ٽائيلر) **n.** a maker or layer of tiles; a freemasons' doorkeeper, سِرُن ٺاهيندڙ، سرون هڻندڙ، رازو، هڪ يهودي تنظيم جو دربان.

tile-hung (ٽائيل هنگ) **adj.** (of a wall) covered with flat roofing tiles as protection against the weather, سِرَن جي لٽڪ، ديوار ٻاهران لڳل سنهين سرن جي اوساري، موسم کان بچاءَ لاءِ ڪيل اوساري.

tile-red (ٽائيل ريڊ) **n.** a brownish-red, the colour of baked tiles, پڪل سِرَ جو رنگ، ڳاڙهو سر جو رنگ.

tile-stone (ٽائيل اسٽون) **n.** a flat stone used for roofing, esp a thin-bedded sandstone, ڇت لاءِ استعمال ٿيندڙ پٿر جو ٽڪر يا سر.

tilery (ٽائيلري) **n.** a place where tiles are made, جڳهه جتي سرون ٺاهيون وڃن.

Tilia (ٽائيليا) **n.** the lime of linden genus of flowering trees and shrubs, giving name to the family; related to the mallows, ليمي جي جنس، کٽي ميوي جو قسم، جنس ليمو.

tiling (ٽائيلنگ) **n.** an area covered with tiles; tiles collectively; the act of laying tiles, سِرَن سان پريل ايراضي، پڪيڙ، سرون، سرون ٺاهڻ يا لڳائڻ.

till[1] (ٽل) **n.** a drawer or respectable for money in or behind a counter; a money-box; , compartment or drawer in a chest, cabinet, in a shop, etc. پيسن رکڻ لاءِ پيٽي، تجوڙي، خانو.

till[2] (ٽل) **prep, conj.** up to the time of; to, towards; up to the time when, تاءِ،سودو، جيستائين، آڳر، تائين، سين، لاکون، توڻي، جيتر، جيسين، سين.

till[3] (ٽل) **vt.** to work (land), cultivate; to set, پوکڻ، کيڙڻ، کولڻ، هَر ڪاهڻ، زمين کيڙڻ، زمين تيار ڪرڻ، هر ڏيڻ.

till[4] (تل) **n.** a stiff impervious clay; boulder-clay; shale, سخت مٽي، ڳوڙهن يا ڪرڙن واري مٽي، ڪچو پٿر، پٿريلي مٽي.

tillage (تليج) **n.** the act or practice of tilling; husbandry; a place tilled, پوک، ڪيتي، ٻني ٻارو، زراعت، ڪيڙ، ڪاشت، فصل لاءِ زمين جي تياري يا سنوار.

tillandsia (تلنڊزيا) **n.** any plant of the mainly epiphytic tropical American genus of the pineapple family, آمريڪا جو الناس جي جنس جهڙو ٻوٽو.

tiller[1] (تلر) **n.** the handler or lever for turning a rudder, ٻيڙيءَ جو سڪان لاهڻ چاڙهڻ وارو هٿيو يا ٻيرم.

tiller[2], **teller** or **tellar** (تلر) **n, vi.** a sapling; a shoot from a tree stump; a sucker from the base of a stem; a side shoot from the base as in corn; to form tillers, سلو، تيلو، پاڙ وارو ٻوٽي جو حصو، سلا ڪڍڻ، پاڙ هڻڻ.

tiller[3] (تلر) cultivator, هاري، پوکو، کيڙيندڙ، پوکيندڙ، آبادڪار، زمين کوٽڻ جو اوزار.

tilley lamp (تلي لئمپ) **n.** portable oil or paraffin lamp in which air pressure is used to supply the burner with fuel, هوا جي داب تي ٻرڻ واري تيل جي بتي يا چلهه، هوا ڀري هلائڻ وارو چلهو، گولو.

tillite (تلائيٽ) **n.** indurated till, کيڙ وارو پٿر، ڪڙو.

tilly-vally or **tilly-fally** (تلي وئلي) **interj.** expressing impatience at what has been said, چيل يا ٻڌل ڳالهه تي پريشان ٿيندڙ، وسيل، وسوڙو، مت منجهيل.

tilt[1] (تلٽ) **n, vt.** a cover, awning, for a wagon, boat; a tent; a hut; to cover with an awning. تنبو، پال، شاميانو، گاڏين ڍڪڻ لاءِ پال يا تلهو ڪپڙو، ڇتي.

tilt[2] (تلٽ) **vi, vt, n.** to lean or slope; to heel over; (of a ship) to pitch; to slant, esp in a vertical plane; to joust, ride and thrust with a spear; to charge, attack; to take part in a contest with; to criticize; to thrust; to incline, slant; to tip out, by tilting; to move by tilting; to forge using a tilt-hammer; an act of tilting; a condition of being tilted; a slope; a joust, a charge against an opponent with a lance; an encounter, attack; a dispute; a duel; a thrust; a tilt-yard, جهڪائڻ، پاسيرو ڪرڻ، لاهو ڪرڻ، جهمائڻ، الڙڻ، اهلڻ، جهڪڻ، وڏاڻ، جهڪاءُ، اهل، سيٽڻ، وڏاڻ سان ڪٽڻ، نيزي بازي ڪرڻ، زور، ليٽ، چوهه مان، (گهوڙن تي سوار ٿي) نيزي بازيءَ جو مقابلو ڪرڻ، حملو ڪرڻ، حسو ولڻ، مقابلي ۾ شامل ٿيڻ، تنقيد ڪرڻ، گهيڙڻ، لنبڻ، لوڙڻ، پاسيرو ٿيڻ، پاسي ڀر وهڻ، لاهي، لهواري ٻيهڪ، تيزيءَ سان حملو، هلان، جهيڙو، جهڳڙو، منهان منهن مقابلو.

tilth (تلٿ) **n.** tillage; cultivation; cultivated land; the depth of soil turned up in cultivation, پوک، آبادي، کيتي، ڪاشت، زراعت، پورو مٽي، نرم مٽي، پنجوءِ واري آنلايل زمين.

tilting fillet (تلٽنگ فليٽ) **n.** a triangular roofing timber used at eaves to tilt the undereaves course of slates, to close off the front edge, ڇت لاءِ استعمال ٿيندڙ ڪاٺ جا ٽڪنڊا تڪر يا تختا (جيڪي هڪ ٻئي تي چاڙهي رکجن).

tilt-hammer (تلٽ هيمر) **n.** a heavy pivoted hammer lifted by a cam, used in forging, وڏو مترڪو، وڏو هٿوڙو، مارتول.

tilt-yard (تلٽ يارڊ) **n.** a place for tilting, jousting, نيزي بازيءَ جو ميدان، نيزي بازي ڪرڻ.

timbal or **tymbal** (ٽمبل) **n.** a kettledrum, نقارو، طبلو، دهل، نقارو.

timbale (ٽمبيل) **n.** a dish of meat, fish, cooked in a cup-shaped mould or shell; a mould of pastry, مڇيءَ جو طعام، ڪوپ شڪل سانچي ۾ ٺاهيل ڀاڄي، پيسٽريءَ جو سانچو.

timber (ٽمبر) **n, adj, vt, interj.** wood suitable for building or carpentry, whether growing or cut; standing trees of oak, ash, elm, or other kinds suitable for timber, forming part of an inheritance; material generally; a beam or large piece of wood in a framework, of a house, ship; familiarly, a wooden object or part; a wooden leg; wood; woodland, forest land; of timber; wooden; to build, ڪاٺ، عمارتي ڪاٺ، ڪاٺي، شهتير، لڪڙي، ڪاٺ، ڪاٺوڙو، ڪاٺ سان ٺاهيل گهر جي اندروني جوڙ جڪ، ٻيرو، ڪاٺ مان ٺاهيل گهر، جهاز، ٻيڙي وغيره، ٻيلو، عمارتي ڪاٺ ملڻ واري جاءِ، عمارتي ڪاٺ جا وڻ، عمارتي ڪاٺ جو، ڪاٺ جو، ڪاٺ جي ٽنگ، جهنگ، ٻيلو، ڪاٺ سان ٺاهڻ.

timbered (ٽمبرڊ) **adj.** built, constructed, esp of wood; provided with timber; shored up with timber; (of country) wooded; massive, ڪاٺ سان ٺهيل، ڪاٺ جو ٺهيل، ڪاٺ مهيا ڪندڙ، ڪاٺ ڀريل، جهنگ يا ٻيلي وارو ملڪ، تمام گهڻي عمارتي ڪاٺ جي موجودگيءَ وارو علائقو.

timber-head (ٽمبر هيڊ) **n.** the top of a ship's timber rising above the deck and used as a bollard; a bollardplaced in a similar position, بحري جهاز جي ڪنڌي واري ٻيهڪ واري ڪاٺي جيڪا اڳئين حصي ۾ مٽي لڪتل ۽ منديءَ صورت ۾ هوندي آهي.

timbering (ٽمبرنگ) **n.** timber materials; the timber in a structure. عمارتي ڪاٺ جو سامان، ڪاٺ مان ٺهيل عمارتي

سامان، اڏاوت ۾ استعمال ٿيل ڪاٺ، جيئن ڪامون، پٽيون، فرش وغيرهه.

timberland (ٽمبر لينڊ) **n.** land covered with trees used for timber, وڻن سان ڀريل زميني ٽڪرو، جهنگ، ٻيلو، ھڙي.

timberline (ٽمبر لائين) **n.** the upper limit of timber-trees on the mountains, etc, جبل جي مٿان ٻيلن ڪاٺ جي وڻن جي اوچائي، وڻڪاري واڌ حد.

timber-man (ٽمبر مئن) **n.** a person responsible for the timbers in a mine, کاڻ ۾ ڪاٺين جي جوڙ جڪ لاءِ ذميوار ڪاريگر يا مزدور.

timber wolf (ٽمبر وولف) **n.** an American variety of the common wolf, the grey wolf, آمريڪي نسل جو ٻورو بگهڙ، ٻيلي ۾ رهندڙ بگهڙ. اتر آمريڪا جي اترين ٻيلن يا جهنگ ۾ رهڻ وارو وڏو بگهڙ جيڪو هن وقت آمريڪا جي اوپر وارن ۽ ڏاکڻن علائقن ۾ تقريباً ختم ٿي رهيو آهي.

timber yard (ٽمبر يارڊ) **n.** a yard or place where timber is stored or sold, عمارتي ڪاٺ جو گدام.

timbo (ٽمبو) **n.** a S American sapindaceous climbing plant; a fish-poison and insecticide obtain from its bark, ڏکڻ آمريڪا جو رينو جنس جو ول وانگر ٻوٽو، ان ٻوٽي مان حاصل ڪيل زهر ۽ جيوڙي مار دوا.

timbre (ٽمبر) **n.** the quality of a sound, tone-colour, as opposed to pitch and loudness, آواز جي خاصيت، راڳ جو سر.

timbrel (ٽمبريل) **n.** a kind of drum or tabor; an Oriental tabor or tambourine, پکواز، مرڏنگ، طبلو، ڪنجري، ڪنجري.

Timbuctoo (ٽم بڪٽو) **n.** any distant place (a town in Mali on the River Niver), ڏورانهين، پري واري جڳهه، ٽمبڪٽو شهر.

time (ٽائيم) **n, vt, vi, adj, interj.** the measure of duration; a concept arising from change experienced and observed, expressed by past, present and future, and often measured by the amount of turning the earth on its axis; a quantity measured by the angle through which the earth turns on its axis; any of the clock-settings used as standard times in various time zones; season; the due, appointed, suitable or usual occasion or occurrence; present life; leisure; rate of movement; the hour of death or of birth or coming into existence; a spell, interval, period; the existence of the world; experience; the duration or shortest duration, of performance; rhythm, tempo (music); rate of speed; one of a number of multiplied instances; a reckoning of time; an interval; past existence; an allotted period for completion; permitted drinking hours; the call, bell, whistle, buzzer or other signal announcing this; to arrange, fix or choose time for; to mark, measure, adjust or observe the rhythm or time of; to ascertain the time taken by; to regulate the time of; to keep or beat time, وقت، مهل، مُند، زمانو، پيرو، وارو، مدو، مهلت، موقعو، ساهي، موسم، عمر، موت، ڄمر جو وقت، وقفو، ساهي، دنيا جو وجود، سڌ، گهڙي، ماپو، ماپ، سمون، ويرم، ويلو، ٽائو، صاحبي، نوبت، ويل، وير، ايام، ڏينهن (ڀر)، عمل، ايامڪاري، اوڪاش، وجهه، پرڪو، فرجو، ڏاهي، معياد، گهمرو، وار، دفعو، لگو، مدو، فرصت، ڪاهي بگاهي، بل فعل، اله پته، وقت به وقت، مدي تي، وقت تي، مهل سر، ڪهنو، مدي خارج، پراپوربي، حاضري رکندڙ، ها ۾ ها ملائيندڙ، گهڙيال، واچ، زمان ساز، مطلبي يار، وقت ٺهرائڻ، وقت نقشو، جاچ رکڻ، وقت تي ڪرڻ، تال ڏيڻ، اجازت مليل وقت، شراب پيڻ جو وقت، گهنٽي، سڏ، وقت ياد ڏياريندڙ، مقرر ڪيل وقت، ٺهرايل وقت يا مدو.

time-ball (ٽائيم بال) **n.** a ball mounted on a vertical pole, on top of a high building, that drops at a regular point in each day as an indication of mean time, وقت جو گولو، ٽائيم جو گولو.

time-bargain (ٽائيم بارگين) **n.** a contract to buy or sell at a certain time in the future, خريد و فروخت لاءِ مقرر ڪيل وقت (مستقبل ۾)، اڳوات خريداريءَ جو طريقو.

time-barred (ٽائيم بارڊ) **adj.** disallowed because out of legal time limits, مدت خارج، مدي خارج، قانوني وقت ختم ٿيل.

time-bill (ٽائيم بل) **n.** a timetable, وقت نامو، وقت جدول، ٽائيم ٽيبل.

time bomb (ٽائيم بام) **n.** a bomb that is exploded by a time-fuse; a routine actuated at a particular time or day which destroys data held in a computer program, ٽائيم بم، مقرر ڪيل وقت تي ڦاٽندڙ بم، ڪمپيوٽر لاءِ نقصانڪار لفظ يا پروگرام.

time capsule (ٽائيم ڪئپسول) **n.** a capsule containing objects representative of the current time, buried in the ground or set in the foundations of a building for discovery at a future date, سيل بند بوتل ۾ بند ڪيل هالوڪي زماني جون شيون جيڪي ايندڙ وقت ۾ پيدا ٿيندڙ انسانن جي لاءِ زمين اندر دفن ڪري ڇڏيون وڃن ٿيون، ڪيپسول عمر حاضر جيڪو ايندڙ وقت وارن لاءِ محفوظ ڪرڻ.

time card (ٽائيم ڪارڊ) **n.** a card for use with a time

clock, ٽائيم ڪارڊ (ڊيوٽيء جو ڪارڊ)،وقت لکڻ وارو ڪارڊ.

time charter (ٽائيم چارٽر) **n.** a hire agreement valid for a specified period of time, مخصوص وقت لاء ڪيل معاهدو، معيادي سودو يا مقاطعو.

time clock (ٽائيم ڪلاڪ) **n.** a clocklike apparatus which stamps on cards the time of arrival and department of office or factory workers, ڪارخاني جي مزدورن لاء رکيل گهڙيال جهڙو اوزار جيڪو انهن جي اچڻ ۽ وڃڻ واري وقت جو تفصيل درج ڪري.

time code (ٽائيم ڪوڊ) **n.** a track separate from the main one on a view or audio tape, on which time is recorded digitally, to help editing, ٽيپ جي پٽيء ۾ وقت جي حساب جو نشان جيئن ان کي بهتر ڪرڻ ۾ آساني ٿئي.

time deposit (ٽائيم ڊپازٽ) **n.** a bank deposit from which withdrawals may be made only after a certain time or with due notice, خاص وقت، مقرر وقت تي رکيل پئسا ڪڍرائڻ. (بئنڪ وغيره مان).

time dilation (ٽائيم ڊائليشن) **n.** the principle that the interval between two events appears to be larger when they occur in a reference frame which is moving relative to the observer's reference frame, than when they occur at rest relative to the observer; a consequence of the special theory of relativity, وقتي تبديلي، وقتي وڌاء، وقتي لاڳاپي جو اصول.

time-expired (ٽائيم ايڪسپائرڊ) **adj.** having completed a term of enlistment, مخصوص وقت جو پورو ٿيڻ، پورو ڪرڻ، ختم ٿيڻ.

time exposure (ٽائيم ائڪسپوير) **n.** an exposure for a relatively long time (usu seconds) in comparison with one called instantaneous, ڪئميرا جو تصوير ڪڍڻ وقت عام کان وڌيڪ وقت ڏيڻ.

time factor (ٽائيم فيڪٽر) **n.** the passage of a time as a limitation on what can be achieved, وقتي دؤرو، ڏنل وقت يا مقرر وقت (جنهن دوران ڪو ڪم پورو ڪرڻو هجي).

time frame (ٽائيم فريم) **n.** a limited or restricted period of time, as allotted for an event, مقرر ڪري ڏنل وقت، ڪنهن خاص ڪم لاء مقرر مدو.

time fuse (ٽائيم فيوز) **n.** a fuse present to act at a definite time, وقت وارو فيوز، مقرر وقت تي عمل ڪرڻ وارو فيوز.

time gun (ٽائيم گن) **n.** a gun fired to indicate a certain hour, خاص وقت تي ڇٽندڙ توپ، بندوق.

time-honoured (ٽائيم آنرڊ) **adj.** (of a custom) honoured or respected on account of antiquity, آڳاٽو، پراڻو هئڻ ڪري عزت لائق، پراڻي زماني جون ريتون، رسمون ۽ رواج، ڪهنو، پرا پوربي.

time immemorial (ٽائيم اميموريل) **n.** the distant past no longer remembered; time before legal memory, تمام آڳاٽو وقت، تمام پراڻو زمانو، آڳاٽي زماني جو، اڻ ڳڻتي وقت جو، اهو زمانو جنهن جي شروعات ياد نه هجي.

timekeeper (ٽائيم ڪيپر) **n.** a clock, watch or other instrument that measures time; a person who keeps account of work's hours; an employee thought of in terms of his or her punctuality; a person who beats or observes time, واچ، گهڙيال، ڪمي، مزدورن جي حاضري رکندڙ، وقت ماپيندڙ، وقتي راڪو، وقت تي پهچندڙ، وقت کان اڳ ايندڙ.

time lag (ٽائيم ليگ) **n.** the interval of delay between two connected events or phenomena, ٻن واقعن وچ ۾ وقتي وقفو، ٻن حالتن جي وچ وارو مدو يا عرصو.

toggle (ٽوگل) **n, vt, vi.** a crosspiece on a rope, chain, rod, to prevent slipping through a hole, or to allow the rope, to be twisted; a short bar acting as a button, passed through a loop for fastening a garment; an appliance for transmitting force at right angles to its direction; a switch or a keyboard command which turns a particular feature on or off (bold type or read-only mode - comput); to hold or provide with a toggle; to fix fast; to move between different features, modes, files using a toggle switch or keyboard command (comput). ڏوئي، رَسيءَ کي جهلڻ يا ويڙهڻ لاءِ ڪر ايندڙ ڪاٺ جو ڏنڊو يا سوئيٽو، بٽڻ جو ڪم ڏيندڙ ڪاٺ جو ٽڪر يا سيخ، ڪپڙي کي ٻيهڪ ڏيڻ لاءِ ڪاٺ جو ٽڪر، قوت کي سڌين ليڪن ۾ موڪليندڙ اوزار، (ٽائيپ يا ڪمپيوٽرجي) ڪي بورڊ جو بٽڻ جيڪو اڪرن کي ڏلهو يا سنهو ڪري، ڪاڻيءَ جي ٻيهڪ ڏئي ٻيهارڻ، مضبوطيءَ سان جهلڻ، مختلف حالتن ۾ مٽجڻ سٽجڻ، ڪمپيوٽر جي سئچ يا بٽڻ رستي مختلف پروگرام هلائڻ ۽ عمل ڪار بنائڻ.

toggleiron (ٽاگل آئرن) **n.** a harpoon with a toggle instead of barbs. مڇيءَ پڪڙڻ وارو هاريون يا گرز جنهن ۾ لوهي شيخن جي جاءِ تي ڪاڻيءَ جون ڏنڊيون لڳل هجن.

toggle joint (ٽوگل جائنٽ) **n.** an elbow or knee joint; a mechanism consisting of two levers hinged together, force applied to straighten the hinge producing a considerable force along the levers. ٺوٺ يا گوڏي جو سنڌ، ٻن ٻيرمَن کي ملائيندڙ سنڌ، سنڌ يا جوڙ کي سڌو ڪرڻ ۾ لڳايل قوت يا زور.

toggle switch (ٽوگل سئچ) **n.** a switch which, in a circuit having two stable or quasi-stable states, produces a transition from one to the other; a switch or button on a computer keyboard used to turn a particular feature on or off (comput). سرڪٽ جو بٽڻ، ڪمپيوٽر جوڪنهن عمل کي هلائڻ يا بند ڪرڻ جو سوئچ، بٽڻ.

Togolese (ٽاگليز) **adj, n.** of or relating to Togo in W Africa, or its inhabitants; a person born, in or naturalized inhabitant of, Togo. ٽوگو ملڪ بابت، اتان جا رهاڪو، باشندا، ڄاول يا بعد ۾ اتي اچي آباد ٿيل باشندا.

tog-rating or **value** (ٽاگ ريٽنگ ويليو) **n.** the amount of thermal insulation provided by a fabric, measured in togs. ڪپڙي طرفان سردي روڪ قوت (جيڪا ماپي سگهجي).

togue (ٽاگ) **n.** the Great Lake char (or trout) a gigantic salmonoid of North America. سامن جنس جي اتر آمريڪا جي ڍنڍن جي مڇي، آمريڪي ٽراؤٽ مڇي.

toheroa (ٽوهرا) **n.** an edible shellfish found at low tide buried in sandy beaches in New Zealand; a soap made from it (Maori). کوڏ يا صدف واري سامونڊي جيوت، نيوزيلينڊ جي صدفي مخلوق جنهن مان صابڻ ٺاهيو ويندو آهي.

toho (ٽوهو) **interj.** a call to pointers or setters to stop. ڪر ڪتن کي جهلڻ، اوساريءَ يا درزن جو ڪم ٻيهارڻ.

tohunga (ٽوهونگا) **n.** a Maori priest, a wise man with healing powers. آمريڪا ۾ اصلوڪو يا ماؤري پادري، نيم حڪيم، نيم طبيب، سيالو، ڪوڙيچ.

toil[1] (ٽوائل) **vi, vt, n.** to struggle hard; to labour; to drudge; to work; to make one's way forwards or progress with great difficulty or effort; to effect or work out with toil; to subject to toil; a struggle; hard or exhausting labour; labour with fatigue; contention. ڪشالو، پورهيو، محنت، ڪشالو ڪرڻ، هڄڻ، ڳهڻ.

کپڻ. ڪهڻ. وهڻ. پتوڙ. ڪهه. هجڻ. سخت محنت. سخت پورهئي وارو ڪم. سخت محنت طلب پورهيو. ٿڪائيندڙ ڪم يا عمل.

toil[2] (ٽوئل) **n.** a net; a snare or trap. جار. سرڪڻي ڦاهي. ڦندو.

toile (ٽوئل) **n.** a thin cotton or linen dress material; a sample of a garment made in cheap material so that the alterations may be made before the garment is made up in the correct material (Fr). لِين جو يا سنهو سوٽي ڪپڙو. وائل. ململ. لان. سستي ڪپڙي جي ناهيل پوشاڪ. سادي ڪپڙي ۾ ناهيل نمونو.

toilet (ٽوئلٽ) **n, vt.** a bowl-like receptacle for the body's waste matter, with a water supply for washing this into a sewer; a dressing-table, dressing-room, bathroom or lavatory; the act or process of dressing; the whole dress and appearance of a person, any particular costume; the cleansing and dressing of a wound; a dressing-table with a mirror; a cloth for the shoulder during hairdressing; to take to the toilet or otherwise assist with toilet procedures. سينڌ سرمو. ڦڻي ڦوڪارو. هار سينگار. ڪپڙو لٽو. غسل خانو. ڪاڪوس. پاخانو. ڪموڊ چِلهو. ڪپڙن مٽائڻ جو ڪمرو. وهنجڻ جي جاءِ پوشاڪ. ڪپڙن سوڌي ويهڪ. زخم کي صاف ڪرڻ ۽ پٽي ڪرڻ. سينگار ميز. وارن ٺاهڻ مهل. ٻيهڪ.

toilet paper or **tissue** (ٽوئلٽ پيپر) **n.** thin, absorbent paper for wiping oneself after defecation or urination. صفائيءَ وارو پنو. صفائيءَ وارو سنهو ڪاغذ.

toilet roll (ٽوئيلٽ رول) **n.** toiletry a roll of toilet paper. صفائيءَ واري پني جو رول.

toiletry (ٽوئلٽري) **n.** any article, preparation or cosmetic used in washing and dressing oneself. صفائيءَ جو سامان خوشبو. تيل ڦليل. عطر عنبير. تيار ٿيڻ. وهنجڻ ڪپڙا پائڻ.

toilet-service or **-set** (ٽوئلٽ سروس) **n.** the utensils, eg brushes, combs, used in dressing.. صفائيءَ جو سامان. برش. ڪنگو. ڏندڻ وغيره.

toilet soap (ٽوئلٽ سوپ) **n.** toilette soap for personal use. وهنجڻ جو صابڻ. صفائيءَ جو صابڻ. غسل خاني جو صابڻ.

toilette (ٽوئلٽي) **n.** the act of washing and dressing oneself (Fr). صفائي ڪرڻ. وهنجڻ. ڪپڙا لٽا پائڻ. تيار ٿيڻ.

toilet training (ٽوئلٽ ٽريننگ) **n.** the training of children to control bladder and bowels and to use the lavatory. ٻارن کي صفائي جي تربيت ڏيڻ. ٻارن کي پاخاني ۽ غسلخاني جي استعمال جي تربيت ڏيڻ.

toilet water (ٽوئلٽ واٽر) **n.** a lightly perfumed liquid similar to cologne. صفائيءَ لاءِ خوشبودار پاڻي.

toilinet or **toilinette** (ٽوئلنيٽ) **n.** a kind of woollen cloth, silk and cotton warp with woollen weft, used for waistcoats (Fr). اوني ڪپڙي جو قسم. ڪپڙو جنهن ۾ هڪ پاسي اُن ۽ ٻئي طرف ريشم يا ڪپهه استعمال ٿيل هجي. واسڪوٽيءَ جو ڪپڙو. هلڪو اوني ڪپڙو.

toilsome (ٽوائل سم) **adj.** attended with toil; laborious; wearisome; fatiguing. اٺ ڏکيو. مشڪل. محنتائتو. محنائتو. ٿڪائيندڙ. ڪاٺيو. هجائيندڙ. تمام گهڻي محنت گهرندڙ.

toitoi or **toetoe** (ٽوئي ٽوئي) **n.** any of several tall reed-like grasses native to NZ, esp those of the genus Arundo (Maori). نيوزيلينڊ جو ڪنگور (جي قسم جو گاهه).

to kalon (ٽوڪالون) **n.pl.** the beautiful (Gr). سهڻو. خوبصورت. ڻاهوڪو. واهه جو وڻندڙ.

tokamak (ٽوڪا مئڪ) **n, adj.** in fusion, a toroidal apparatus in which plasma is contained by means of two magnetic fields, a strong toroidal field and a weaker poloidal field generated by an intense electric current through the plasma. جوهري علم جو هڪ ٿانوَ. جوهري عمل ڪرڻ لاءِ اوزار.

Tokay (ٽوڪي) **n.** a geeko, native to the Malay archipelago and SE Asia (Malay). ڪرڙي جي قسم جو. ڪرڙيءَ جي قسم جو سانڊو. ملائيشين ڪرڙي. ٽوڪئي ڪرڙي.

toke (ٽوڪ) **n, vi.** to puff on a cigarette (esp one containing marijuana). سگريٽ جو ڪش لڳائڻ. چرس جو سوٽو هڻڻ.

token (ٽوڪن) **n, adj, vt.** a mark, sign or distinctive feature of something; souvenir; keepsake; a symbol; a portent; an indication; something providing evidence; a plague-sport; anything serving as evidence of authenticity, proof or a guarantee; anything serving as a reminder; a voucher worth a state amount of money which can be exchanged for goods of the same value; a small coin-like piece of metal or plastic which is used instead of money in slot machines; a unit of computer code representing a word or character used in a program; serving as a symbol; done or given as a token and therefore of no real value, nominal; to be a warning or sign of, to betoken. امج. اهڃاڻ. نشاني. يادگار نشاني. نشاني ٽوڪن. علامت. نيو. نشان. شاهديءَ طور ڪم اچڻ. بيماريءَ جي موجودگيءَ واري جڳهه. سوکڙي. رسيد. ٽڪلي يا پئسن جي رسيد يا ٽوڪن. ڪمپيوٽر جي ڪوڊ جو هڪ يونٽ. اکر يا نشان. نشانيءَ طور ڏيڻ. نشانيءَ طور. ڏٺل بي قيمت

شيء، خطري جو نشان، نشان مهتڻ.

tokenism (ٽوڪنزم) **n.** the principle or practice of doing something on a single occasion or with minimum effort, in order to create the impression that a law, code or precept is being properly complied with, eg employing one coloured person or one woman to give the impression of being committed to equal opportunities. هڪ ئي وقت يا هڪ ئي موقعي تي، ڪيل ڪم جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ قوت صرف ٿي هجي. اهڙو عمل جنهن مان ظاهر هجي ته اهو قاعدي ۽ قانون مطابق ڏنل وقت دوران ڪيو پيو وڃي. قانون کي ميڄڻ ۽ عمل ڪرڻ جي ڏيک ڏيڻ.

token money (ٽوڪن مني) **n.** money worth more than its intrinsic value as metal; private tokens. سونَي، نشاني، يادگاري نشان.

token ring (ٽوڪن رنگ) **n.** (comput) a form of network in which each token or signal controls access to the network. ڪمپيوٽرن جو جڙيل نظام جنهن ۾ ڪو ۽ اشارو ڏئي بين ڪمپيوٽرن سان رابطي ۾ اچجي.

token vote (ٽوڪن ووٽ) **n.** a parliamentary vote of money in which the amount stipulated forms a basis for discussion and is not meant to be binding. پارليامان ۾ خرچن جي لاءِ ڏنل شروعاتي ووٽ، اجازت يا هاڪار (جنهن تي بحث مباحثو بعد ۾ ڪري سگهجي). حڪومت جي خرچن لاءِ پارليامان مان منظور ڪيل شروعاتي خرچن جي اجازت.

tokoloshe (ٽوڪولوشي) **n.** a hairy malevolent dwarf like creature with supernatural powers (in Bantu folklore - Zulu). آفريڪي ديومالائي بن مانس جهڙو جانور. مرد، ممڙو.

tola (ٽولا) **n.** an Indian unit of weight equivalent to 180 grains troy (11.66 grammes) (Hindi). تولو وزن.

tolbutamide (ٽال بيوٽا مائيڊ) **n.** a drug administered orally in the treatment of diabetes. ذيابيطس جي ضابطي جو طبي مادو.

tole[1] or **toll** (ٽول) **vt.** to lure, decoy. دلبو ڏيڻ، ريبڻ، ڏتارڻ، لوڀ ڏيڻ، لالچائڻ، نڳارڻ، مسلائڻ، پالتو پکي، پکيءَ جو سريلو آواز، ليائڻ.

tole[2] (ٽول) **n.** painted, lacquered or japanned tinware. رنگ ڪيل، رنگ ڪيل روهي ٿانءُ، چٽ ڪڍيل باسڻ.

Toledo (ٽوليڊو) **n.** a tapering sword or sword-blade made in Toledo, Spain. اسپين جي تلوار جو قسم.

tolerable (ٽالربل) **adj.** endurable; passable; middling; fairly good; mediocre. سهڻ جهڙو، پورو پنو، موچارو، سهندو، تحمل پذير، مُعتدل، چڱو خاصو، ڪم نپائو، ڪم چلائو، رسمي، رواجي برداشت، جٽاءُ ڪندڙ، چڱو، مناسب، مڌم، هالو چالو، وچون، وَهه، لنگهڻ جهڙو، اڳهامڻ جهڙو.

tolerance (ٽالرنس) **n.** the ability or quality to resist or endure pain or hardship; endurance; the disposition, ability or willingness to be fair towards and accepting of different religious, political beliefs and opinions; the ability to tolerate and hence no longer benefit from the effects of a drug after prolonged use; the permissible range of variation in values when measuring. تحمل، برداشت، سهڻ شڪتي، بردباري، سهڻ شيلتا، سهپ، قوت برداشت، تاب آوري، دوائن جي اثر جي عادت نہ پوڻ، ماپ طور ۾ هيٺين ۽ مٿين حد.

tolerance dose (ٽالرنس ڊوز) **n.** the maximum dose which can be permitted to a specific tissue during radiotherapy involving irradiation of any other adjacent tissue. جوهري علاج ۾ ايترو وزن جيڪو مريض برداشت ڪري سگهي. بيمار جزن کي ناس ڪري ۽ صحت مند جزن کي نقصان نہ رسائي.

tolerant (ٽالرنٽ) **adj.** tolerating the beliefs, opinions of others; ready to tolerate; indulging; enduring; capable of enduring (eg unfavourable conditions, a parasite, a drug) without showing serious effects; indulgent, permissive; favouring toleration. سهندڙ، ڌيرج وارو، بردبار، صبر وارو، صابرين، غير متعصب، سهي ويندڙ، سهڻ هار، سهڻ شيل، صُلح ڪُل، برداشت ڪندڙ، تاب آور، سهپائتو، اجازت ڏيندڙ، نظر انداز ڪندڙ، نرم دل، ناز بردار، رعايت ڪندڙ جائز. (دوا يا طفيلي جيو) نقصان ڪار، اثر نہ ڏيکاريندڙ.

tolerate (ٽالريٽ) **vt.** to endure, with patience or forebearance, to put up with; to allow or permit; to treat fairly, to accept (a person with different religious, political, beliefs or opinions); to allow to be done or to exist, to permit; to be able to resist the harmful effects of a drug. برداشت ڪرڻ، برداشت ڪرڻ، سهي وڃڻ، سهڻ، درگزر ڪرڻ، ڌيان نہ ڏيڻ، ڪن لاٽار ڪرڻ، ٽري وڃڻ، نڀيو ڪرڻ، بردباريءَ کان ڪم وٺڻ، ڪرڻ ڏيڻ، جائز سمجهڻ، روا رکڻ، نہ پلڻ نہ جهلڻ، سهڻ شيل، تعصب سان نہ ڏسڻ، سختي نہ ڪرڻ، بردبار ٿيڻ، (دوا) جيورڻ، بدائرن کان بچڻ.

toleration (ٽالريشَن) **n.** the act of tolerating; the allowance of what is not approved; the freedom of a minority to hold and express political or religious opinions which differ from those of the majority. بردباري، تحمل، برداشت، سهپ، سهڻ، ديني آزادگي، سهڻ شيلتا، بي تعصبي، تاب آوري، ٿورائيءَ وارن جي نظرين کي برداشت ڪرڻ، اقليتن جو احترام ڪرڻ.

toll[1] (ٽول) **n, vi & vt.** a tax for using a public bridge or road, selling goods in a market etc; a portion of

grain kept by a miller in payment for grinding; a place where there is or was or might have been a building for collecting road tolls or toll bar, a road junction: the cost in damage, injury or lives; a toll call; to take or pay tolls; to take toll of; to take as a toll. چنگي، راھداريءَ جو محصول، سڙڪ جو محصول، ناڪو، پون پاڙو، اٽي جي پيسائيءَ جو ڏنل ڪٽنو، ناڪي يا محصول وصول ڪرڻ واري جاءِ ،رستي جو چوراھو، چوڏڳي، سڙڪ جو محصول پرڻ، وصول ڪرڻ.

toll [2] (ٽول) **vi, vt, n.** to sound, as a large bell does, esp with slow. measured strokes; to cause a bell to sound with slow. measured strokes: to sound, strike, signal, announce, summon, send by tolling; to toll for the death of; an act to tolling; the slow, measured sound of a bell tolling. گھنڊ جو آواز، گھنڊڻي وڄائڻ، آھستي آھستي لوڏي آواز ڪڍڻ، ٽڪ ٽڪ ڪرڻ، ڪڙڪائڻ، اشارو ڪرڻ، آواز ڪڍڻ، گھنڊ وڄائي سڏائڻ يا موڪل ڪرڻ، موت جو اعلان ڪرڻ، گھنڊ وڄائڻ جو عمل، گھنڊ وڄڻ جو مسلسل ھڪ جھڙو آواز.

toll [3] (ٽول) **vt.** to bar; to take away the right of (Law). روڪڻ، بندڻ، محروم ڪرڻ، حق کسڻ، استعمال جھلڻ.

tollable (ٽولبل) **adj.** subject to toll. چنگيءَ لائق، ناڪو وصول ڪرڻ جھڙو، محصول لائق.

tollage (ٽوليج) **n.** payment of toll; the right to charge a toll; the amount paid as toll.. محصول وصول ڪرڻ، محصول پرڻ، محصول وٺڻ جو حق، محصول طور پريل رقم.

tollbooth (ٽول بوٿ) **n.** an office where tolls are or were collected; a town hall; a prison; often a building combining a town hall and a prison. محصول دري، محصول آفيس يا دفتر، ناڪو، شھر جي مکيه عوامي عمارت، جيل، قيد خانو، بندي خانو.

toll bar (ٽول بار) **n.** a movable bar across road to stop travellers liable to pay a toll. محصول ٿالڪ، ناڪو، چنگي، سڙڪ جو محصول وصول ڪرڻ واري جاءِ.

toll-bridge or **toll-gate** (ٽول برج يا گيٽ) **n.** a bridge or gate where tolls are collected. محصول ٿالڪ چنگي، ناڪو.

toll call (ٽول ڪال) **n.** a short-distance telephone trunk call; a long-distance telephone call at a charge above the local rate. ٿوري مفاصلي جي فون جنھن تي مقرر حساب سان وصولي ڪٺي وڃي، شھر کان ٻاھر فون تي وصول ڪرڻ وارو محصول يا خرچ.

toll-gatherer (ٽال گيدرر) **n.** a person who collects a tool, at a toll bridge or tollgate; a person who collects taxes.. ناڪي منشي، محصول وصول ڪرڻ وارو ڪلارڪ، محصول اوڳاڙيندڙ ماڻھو.

toll house (ٽال ھائوز) **n.** a house at a tollbridge or tollgate, used by the collector of tolls. ناڪو، چنگي خانو، محصول وصول ڪرڻ واري جاءِ.

tollroad (ٽال روڊ) **n.** a road maintained by the tolls collected on it. محصول لاڳو رستو، محصول واري سڙڪ.

Toltec (ٽال ٽيڪ) **n.** a member of a central American Indian people who lived in Mexico until overrun by the Aztecs; the language spoken by this people. آمريڪا جي وچين علائقي جا اصلوڪا باشندا ۽ انھن ماڻھن جي ٻولي.

Tolu or **tolu** (ٽولو) **n.** a balsam yielded by the S American papilionaceous tree, used in medicine and perfumery.. آمريڪن سينديءَ جو ٻوٽو، جڙي ٻوٽي، خوشبودار ٻوٽو.

toluate (ٽوليوئيٽ) **n.** any salt or ester of toluic acid. وڻ مان حاصل ٿيندڙ رس جو تيزابي مواد.

toluene or **toluol** (ٽوليون ٽوليول) **n.** methyl benzene, a colourless flammable liquid ($C_6H_5 \cdot CH_3$) used as a solvent and in the manufacture of other organic chemicals and explosives. ڪيميائي ٻرندڙ پاڻيٺ جيڪو صفائيءَ وارن مادن جي تياريءَ ۾ ڪم ايندو آھي، ڦٽاڪن يا گولن ۾ استعمال ٿيندڙ ٻرندڙ پاڻيٺ.

toluic (ٽوليوئڪ) **adj.** of or containing toluene or toluic acid. تيزابي مادو، تيزابي مادي وارو.

toluic acid (ٽوليوئڪ ائسڊ) **n.** any of four isomeric acids derived from toluene, all having the formula $CH_3C_6H_4COOH$. تيزابي مادو.

toluidine (ٽوليو ڊائن) **n.** an amine ($C_9H_4 \cdot CH_3NH_2$) derived from toluene, used in making dyes. وڻ مان حاصل ٿيندڙ رس جيڪا رنگن ٺاھڻ جي ڪم ايندي آھي.

Tom (ٽام) (short for Thomas); a male of various animals, esp a cat; a name for a big bell; a prostitute etc. حيوان، نَر ٻلو، ڏک ٻلو، وڏو گھنڊ، فاحشه، ڇڪلائڻ، رنڊي.

tomahawk (ٽو ما ھاڪ) **n.** a N American Indian war-axe; a hatchet; to attack or kill with a tomahawk; to hack, cut up or slate. تبر، جنگي ڪھاڙو، تبر سان حملو ڪرڻ، يا مارڻ، ڪپڻ، لڪر لڪر ڪرڻ، پوڻارڻ.

tomalley (ٽومئلي) **n.** American lobster fat (liver), eaten as a delicacy; extended to tamal. آمريڪي ڪيڪڙي جو جيرو يا ستُپ (جيڪو ڪاڌي طور استعمال ٿيندو آھي)، لابسٽر جھينگو.

toman (ٽومان) **n.** a myraid, or ten thousand; a former Persian gold coin worth 10000 dinars (pers tuman).. وڏي رقم، لکين، ڪروڙين، بيشمار، ڏھن ھزارن جي رقم.

ايران جو اڳيون سونو سڪو، تومان.

tomatillo (ٽوميٽيلو) **n.** a plant, Physalis ixocarpa, of the nightshade family with yellow flowers and sticky edible berries, native to Mexico; a berry from this plant, much used in Mexican cooking. ميڪسيڪو جو ڪاچرو ٻيرن وارو ٻوٽو، ڪاچرو ٻير، ٻير جهڙو مصالحو.

tomato (ٽومٽو) **n.** an originally S American plant now grown world-wide, related to the potato, formerly called the love-apple; its glossy red or yellow pulpy edible fruit. ٽماٽو، چماٽو، ولائتي واڱڻ، ڳاڙهي رنگ وارو ٻٽالي جي جنس ميوو، ڳاڙهي يا پيلي ڳر وارو ڪاچرو ميوو.

tomb (ٽوم) **n.** any place serving as a grave; a under ground vault for the disposal of dead bodies; a sepulchral monument; death; to entomb; to bury. قبر، تربت، قبو، مقبرو، سماڌ، لوڙهو، لاش رکڻ لاءِ زمين اندر جاءِ، موت، ڪتبو، مرڻ، دفن ڪرڻ.

tombac, tombak or **tambac** (ٽومبئڪ) **n.** an alloy of either copper with a little zinc or copper and arsenic, used for making cheap jewellery (Fr). ٽامي ۽ جست جو ملاوتي ڌاتو، سِلور، سلور مادو.

tomboc (ٽمبوڪ) **n.** a Javanese long-handled weapon. جاوا جو وڏي هٿي وارو هٿيار.

tombola (ٽمبولا) **n.** a kind of lottery in which winning tickets are drawn from a revolving drum; a type of bingo, played in the armed services (Ital).. ٽمبولا راند، جوا جو قسم، الڳن واري جُوا.

tombolo (ٽامبولو) **n.** a bar of sand or gravel connecting an island and another or with the mainland (Ital). ٻن ٻيٽن کي ڳنڍيندڙ زمين جي پٽي، ڳچي زمين.

tomboy (ٽام بواءِ) **n.** a high-spirited romping girl; a girl with boyish looks, dress, habits; a hoyden; an immodest woman. چوڪرن صورت چوڪري، بي اخلاقي عورت، بدڪردار عورت، لوفر، لچي، ڪميڻي.

tomb-stone (ٽوم اسٽون) **n.** a stone erected over a grave; a sepulchral monument. قبر جي مٿان لڳل پٿر، قبر تي لڳل يادگار، ڪتبو، قبر جي نالي واري تختي.

tome (ٽوم) **n.** a large book or volume (Fr).. شاهي ڪتاب، وڏو پستڪ، جلد، گرنٿ.

-tome (ٽوم) **sfx.** denoting - an instrument for cutting; a segment. ڪپڻ جو اوزار، وڍ ڪٽ جو اوزار، حصو، ڀاڱو، ڦار، ٽڪري، ڦاڪ.

tomentum (ٽومينٽم) **n.** a matted cottony down on leaves and stems etc. ٻوٽن جي پنن يا شاخن تي هلڪي ٻج.

tomfool (ٽام فول) **n, adj, vi.** a great fool; a buffoon; a trifling person; extremely foolish; to play the fool. ٻوڙڪ، چسو، وڏو چريو، چرياڻ، مستانو.

tomfoolery (ٽام فولري) **n.** foolish behaviour; nonsense; rubbish; buffonnery; trifles, ornaments; jewellery, esp stolen jewellery. بي عقلي وارو عمل، چرياڻپ، ٻوڙڪ پائي، بڪواس، اجايو ڳالهائڻ، بڪ بڪ ڪرڻ، اجاين ڳالهين ۾ وقت وڃائڻ، چوري ڪيل زيور.

tomium (ٽوميم) **n.** the cutting edge of a bird's bill. پکيءَ جي چهنب جو تيز حصو، ڪترينڊڙ چهنب جيئن برفاني جهرڪين، طوطن ۽ بازن جي ٿئي.

tommy (ٽامي) **n, vt.** a private in the British army; a penny roll, bread; food; a tommy-shop; the truck system; to oppress by the truck system. انگريزي سپاهي سولجر، فوجي چاپي، روٽي، پيٽ، ڀانو، ريزڪي دڪان، منيارڪو هٽ، شين جي مٽ سٽ ڪرڻ وارو ڪاروبار.

tommy bar (ٽامي بار) **n.** a rod used as a lever for turning a tubular spanner or the like. ڀانو، ڀائي سان گڏ استعمال ڪرڻ واري لوهي شيخ.

tommy-gun (ٽامي گن) **n.** a light machine-gun. ننڍي مشيني رائيفل.

tommy-rot (ٽامي راٽ) **n.** absolute non-sense.. بڪواس، جهڪ، افواهه، بي پير ڳالهه.

tommy-shop (ٽامي شاپ) **n.** a truck-shop. شين جي ڏيتي ليتي ڪرڻ وارو دڪان.

tomogram (ٽوموگرام) **n.** a radiogram or other visual record produced by tomography. ايڪسري نگاري ۽ رستي تيار ڪيل ڏسڻ يا پڙهڻ وارو مواد.

tomograph (ٽوموگراف) **n.** a machine for producing tomograms. ايڪسري نگار.

tomography (ٽوموگرافي) **n.** any scanning technique used to obtain a detailed image of a particular section or plane, of or within a solid structure or body, esp the use of X-rays and ultrasound waves to produce an image, for diagnostic purposes, of a chosen section at a particular depth within the body. لڪري نگاري، تصوير ڪشي، بدن جي اندروني عضون کي متحرڪ يا ايڪسري تصويرن رستي ڏسڻ ۽ انهن جي فلم ٺاهڻ.

tomorrow (ٽمارو ٽو مارو) **n, adv.** the day after today; the future; on the day after today;in the future. سڀاڻي، سڀاڻ، ايندڙ وقت ۾، اڄ ڪالهه.

Tom Thumb(ٽام ٿمب) **n.** a dwarf or midget; a dwarf variety of a plant. ٻندرو ننڍي قد وارو، ننڍي قد وارو ٻوٽو.

tomtit (ٽام ٽِٽ) **n.** the bluetit or other species of tit. ميٺر پکي، ننڍو ٻوڻو پکي، نيري ڦوسڙي، ٽِٽ جهرڪي.

tom-tom (ٽام ٽام) **n, vi.** an American Indian or orien-

tal drum played with the hands; any primitive drum or substitute; to beat on or play a tom-tom. دهل، دهل جي قسم جو پراڻو ساز، دهل وڄائڻ، پڙهو گهمائڻ، دهل تي ٺڪ ٺڪ ڪرڻ.

-tomy (ٽمي) **sfx.** denoting surgical incision into an organ. ڪنهن عضوي جي جراحي وڍ ڪٽ.

ton[1] (ٽن) **n.** a unit of weight equivalent to 20 cwt (2240 lb or 1016 kg); a unit of weight equivalent to 2000 lab (907·2 kg, US); a unit of weight equal to 1000 kg; a unit used to measure the amount of water a ship displaces; a unit used to measure a ship's internal capacity, equal to 100 cubic feet; a unit for measuring the space taken up by cargo, equal to 40 cubic feet; 100; a score, total of 100; 100 runs; 100mph; a great weight; many, a great amount. ٽن، ڪلو گرام، ٢٨ مڻ وزن، چاليهن فوٽن اندر سمائجي وڃڻ وارو وزن، هڪ سئو، هڪ سؤ واري رفتار، وڏو وزن، گهڻا، وزن جو ماپو (٢٨ مڻ) 1016 گهڻي رقم، انبار، ڍير.

ton[2] (ٽن) **n.** fashion; people of fashion. نمونو، ڍنگ، فيشن، فيشني ماڻهو، سگهڙ ستاپا، شوقين، ٺٺون، پوشاڪي.

tonal (ٽونل) **adj.** of or relating to tone or tonality; according to key; (of a fugue) having an answer written in the same key but with different melodic intervals. آواز يا ڍنگ بابت، ساز کي آواز ڏيڻ، موسيقيءَ جي لئي.

tonalite (ٽونلائٽ) **n.** a coarse-grained igneous rock, quartz-mica-diorite, found at Monte Tonale, Tirol. ريتيلو پٿريلو مادو، بلوري، ريت.

tonalitive (ٽونلٽو) **adj.** of tonality. آوازيت، سُر، ڍنگ، ٻيهڪ.

tonality (ٽونلٽي) **n.** the melodic and harmonic relationship between the tones of scale or musical system; a particular scale or key; the scheme of colours, shades and tones in a painting. آوازيت سُر، ڍنگ، ٻيهڪ، رنگن جي ٻيهڪ سُرن جو لهڪاءُ.

to-name (ٽونيم) **n.** a byname, nickname; an additional name used to distinguish persons whose names are alike. نالي سان سڏڻ، نالو رکڻ، عرف، عرفيت، ٻيو نالو، پيار جو نالو، ساڳي نالن وارن ماڻهن تي اشارائي نالو رکڻ.

tonant (ٽوننٽ) **adj.** thundering. گوڙ، گوڙ جو آواز، گجگوڙ، ڪڙڪو، گرج، ڌڌڪو.

tondo (ٽونڊو) **n.** a circular painting or circular carving in relief (Ital). گولائين تصوير گولائين اڀريل نقشن واري تصوير.

tone (ٽون) **n, vt, vi.** any sound in relation to its pitch, quality or strength; accent; intonation; vocal inflexion, rise or fall in pitch, esp as expressing feeling, mood; rising, falling intonation or pitch, used as a way of distinguishing words, a musical sound of definite pitch; a major second, one of the larger intervals between successive notes in the scale; vocal expression; bodily firmness, elasticity or tension; the general or prevailing character, quality or style (eg of a piece of writing, speech); a generally high quality, style, character; mood; temper; harmony or general effect of colours; depth or brilliance of colour; a tint or shade; to take a tone; to harmonize. آواز، سُر، لهجو، ڍنگ، نمونو، آواز جي خصوصيت، پرک، ڳالهائڻ جو نمونو، تقويت، طبيعت، حالت، رنگن جو ميل، ٺاهڻ، ساز ملائڻ، تقويت ڏيڻ، چستي ڏيڻ، هٺ سجائي، صحت و طاقت، وضع، طرز، (تصوير ۾) رنگن جو ميل، سُر لاهڻ، گهٽائڻ، چاڙهڻ، ملي اچڻ، رلي ملڻ، هلڪو ٿيڻ، نرم ٿيڻ، چمڪ ڏيڻ، رنگ کي تيزي ڏيڻ، رنگ چاڙهڻ، رنگ مٽائڻ، سُر ۾ آڻڻ، لهڪائڻ.

tone-arm (ٽون آرم) **n.** the movable arm that carries an electric pick-up on a gramophone; that part of a gramophone connecting the sound-box to the horn. گراموفون جي ٻانهن يا سئي جهلڻ وارو اوزار، رڪارڊ جي سوئيءَ کي آواز واري پرزي سان جوڙيندڙ اوزار.

tone-burst (ٽون برسٽ) **n.** an audio signal used in testing the transient response of audio components. آواز جي پرک جو اشارو، آواز چڪاسڻ وارو اشارو.

tone control (ٽون ڪنٽرول) **n.** a manual control in a radio set which adjusts the relative amplitude of high, medium and low frequencies. ريڊيو يا ٽيليويزن جو آواز گهٽ وڌ ڪرڻ وارو اوزار يا پرزو، آواز کي گهٽ وڌ ڪرڻ.

tone deaf (ٽون ڊف) **adj.** tone down unable to appreciate or distinguish differences in musical pitch. آواز (خاص ڪري موسيقيءَ ۾) جي فرق کي نه محسوس ڪندڙ، ٻوڙو.

tone down (ٽون ڊائون) **vt.** to make or become lower in tone; to moderate; to soften, to harmonize the colours of a painting as to light and shade. آواز کي هلڪو ڪرڻ، گهٽ آواز تي وڄائڻ، هلڪو ڪرڻ، تصوير ۾ هلڪا رنگ استعمال ڪرڻ.

tone language (ٽون لئنگئيج) **n.** a language (eg Chinese) in which difference of intonation distinguishes words of different meaning that would otherwise sound the same. (چيني ٻولي) آوازن سان لفظن کي محسوس ڪرڻ يا سمجهڻ، اچاري ٻولي.

toneme (تونيم) **n.** (in a tone language) a phoneme which can be distinguished from another only by its particular intonation.(اهل زبان جي) اچاري بولي۾ ۾ مختلف اچارن کي الڳ ڪري سمجهڻ جي خوبي.

tone pad (تون پئڊ) **n.** an electronic device similar to a remote control handset for a television, video, which allows data to be input into a central computer from a distance, usu via a telephone link.ٽيليفون رستي ٽيليويزن، ريڊيو يا وڊيو کي آوازي حڪم رستي عامل ڪار بنائڻ وارو اوزار.

tone picture (تون پڪچر) **n.** a picture of descriptive music. موسيقيءَ کي تصويرن رستي واضح ڪرڻ.

tone poem (تون پوئم) **n.** a piece of programme music, not divided into movements, conveying or translating a poetic idea or literary theme. موسيقي، عام موسيقيءَ جي وڇت، ڪنهن ادبي ڪاوش کي موسيقيءَ رستي ڳائي پڌائڻ.

tone row (تون رو) **n.** (in serial music) the basic set of notes in the chosen order.تال،سُر. سُرن کي مقرر حساب سان ڪڻ.

tonetic (تونيٽڪ) **adj.** of or relating to linguistic tones, tone languages or intonation..اچاري لهجا، اچاري بوليون. اچاري اکر يا حرف، اچار ڏيڻ.

tone up (تون اپ) **vt, vi.** to make or become stronger in tone; to make or become intensified; to make or become healthier, stronger, more vigorous.(سُر) چاڙهڻ، تقويت ڏيڻ، ملي اچڻ، ٺهڪي بيهڻ، صحت ڏيندڙ، صحت مند ٿيڻ، (وڌيڪ) جوش ۾ جلدبو ڏيکارڻ.

tong[1] (تانگ) **n.** a Chinese guild or secret society, particularly one associated with organized crime.چيني خفيه يا مافيه تنظيم، چيني ڏوهاري قسم جي مالهن جي تنظيم.

tong[2] (تانگ) **vt, vi.** to hold, pick up, manipulate, curl hair using tongs; to use tongs..چِپٽي سان پڪڙڻ، ڪڻ. جهلڻ، استعمال ڪرڻ، ڪم آڻڻ، وارن کي ڇليدار بنائڻ، چمٽو استعمال ڪرڻ.

tonga[1] (تانگا) **n.** a light two-wheeled Indian vehicle (Hindi). تانگو، بگي، بگهي، رَٿ، گهوڙي گاڏي.

tonga[2] (تانگا) **n.** a Fijian toothache remedy made from an aroid root.بوٽن مان حاصل ڪيل ڏندن جي سور جي دوا.

tongs (تانگس) **n.pl.** a gripping and lifting metal instrument, consisting of two legs joined by a pivot, hinge, or spring; curling tongs..چِپٽو، چمٽو، چمٽي، چمٽا.

سٽج.

tongue (ٽنگ) **n, vt, vi.** the fleshy movable organ in the mouth, used in tasting, swallowing and speech; the tongue of an ox, as food; the rasping organ in molluscs; the power of speech; the manner of speaking; a language; speech; discourse; voice; utterance; anything like a tongue in shape; a point of land; a bell clapper; the reed of a musical instrument; a flap in the opening of a shoe or boot; the catch of a buckle; the pointer of a balance; any narrow projection; a language or language of a religious or military order; a vote; to utter; to lick; to touch with the tongue; to provide with a tongue; to talk, prate; to produce or play by tounguing; to pronounce; to articulate; to attack with words; to give tongue; to stick out..جيڀ، زبان، بولي، لسان، ڀاشا، سواد وارو عضوو، ڳهڻ ۾ ڳالهائڻ وارو وات جو مددي عضوو، جانور جي جيڀ يا زبان، تقرير، زبان هلائڻ، ڳالهائڻ، آواز، آواز ڪڍڻ، چوڻ، آکڻ، وات سان چوڻ، لفظن ۾ چوڻ، زبان صورت، زمين جو ٻاهر نڪتل ٽڪر، ڳچي زمين، وات سان وڄائڻ وارو ساز، بوٽ جو هيٺ مٿي ٿيڻ وارو پاتاهو يا پٽو، ڪنهن خاص طبقي جي بولي، فوجين جي زبان، ووٽ ڏيڻ (وات سان) چٽڻ، چڪڻ، زبان ڏيڻ، زبان جهڙو عضوو لڳائڻ، بڪڻ، بولڻ، زبان سان ساز جو آواز ڪڍڻ، اچار، اچار ڪرڻ، زبان ڏيڻ، واعدو ڪرڻ، زبان ٻاهر ڪڍڻ.

give **tongue** (گِو ٽنگ) **vi.** to give utterance, to voice; to give voice as hounds on a scent do.زبان ڏيڻ، واعدو ڪرڻ، وچن ڏيڻ، منظور ڪرڻ، هاڪارڪرڻ، سڏ ڪرڻ.

tongue-and-groove (ٽنگ اينڊ گروو) **n.** a system of joining boards by fitting a projection along the side of one into a groove in the next; these boards. ڪاٺ جي تختين کي جوڙڻ جو طريقو جنهن ۾ هڪ ۾ وڌيل حصو ۽ ٻئي ۾ ڪٽيل حصو هجي، هڪ ٻئي ۾ وهارڻ وارو جوڙ، زبان جهڙي.

tongue-in-cheek (ٽنگ ان چيڪ) **adj, adv.** with ironic, insincere or humorous intention..ڪوڙ ڳالهائڻ، الي وڃڻ، دم دلاسو ڏيڻ، آسرو ڏيڻ، بدنيتي ڪرڻ.

tongue-lashing (ٽنگ ليشنگ) **n.** a severe verbal reprimand. اجايو ڳالهائڻ، دب پٽڻ، گهٽ وڌ ڳالهائڻ، گار گند ڪرڻ.

tongue-tacked (ٽنگ ٽيڪڊ) **adj.** tongue-tied.گهٽ ڳالهائيندڙ، ميسوٺو، بيٺل پاڻي.

tongue-tie (ٽنگ ٽاءِ) **n.** a congenital condition in which the tongue's mobility is impeded by an abnormally short frenum. بيماري جنهن ۾ زبان کي چوري پوري نہ سگهجي، زبان جي چرپر ۾ گهٽتائي، زبان جي سختي، هڪلائڻ، هٻڪڻ، ٻت ٻت ڪرڻ.

tongue-tied (ٽنگ ٽائيڊ) **adj.** unable to speak out, esp because of fear or embarrassment; affected with tongue-tie. ڳالھائي نہ سگھڻ، گنگ ٿيڻ ڳالھائڻ جي سگھہ وڃائڻ، زبان بستہ، زبان تي مھر لڳل، ھُنور شرم، شرميلو.

tongue-twister (ٽنگ ٽئسٽر) **n.** a formula or sequence of words difficult to pronounce without blundering. زبان کي موڙي ڪڍڻ وارو اُچار، ڏکيو اچار.

tongue-work (ٽنگ ورڪ) **n.** babble, chatter. بڪ بڪ ڪرڻ، ڳالھائڻ، پڪيءَ جو پولڻ، لين لين ڪرڻ، شور مچائڻ.

tonguing (ٽنگنگ) **n.** articulation to separate the notes in playing wind instruments. ھوا يا ڦوڪ ڏئي وڄائڻ وارن سازن کي وڄائڻ جو طريقو.

tonic (ٽانڪ) **adj, n.** giving or increasing strength; pertaining to tone or tones; producing tension, of the muscles; giving tone and vigour to the system; of or being the first note of a scale; of or relating to the main or primary stress on a word; a medicine which invigorates the first note of a scale, a keynote; a key or chord based on the keynote (music); tonic water; a stressed syllable in a word. طاقت جي دوا، مقوي دوا، معجون، اڪسير، قوت ڏيندڙ طبي مادو، لفظن تي زور ڏيڻ، اُچارڻ ۾ شد جو استعمال، قوت بخش، موسيقيءَ جي وجت.

tonic accent (ٽانڪ ايڪسينٽ) **n.** emphasis given to a particular syllable through a change in pitch شد ڏئي ڳالھائڻ، اچار تي زور ڏيڻ، چڪڻ، چڪي ڳالھائڻ.

tonic spasm (ٽانڪ اسپازم) **n.** a prolonged uniform muscular spasm. (بدن جي) مشڪن جي چڪ، مشڪن جي آڪڙ يا سيٽ.

tonic water (ٽانڪ واٽر) **n.** aerated quinine water. سوڊا، سوڊا واٽر، ڪونين پيل بوتل.

tonicity (ٽانيسٽي) **n.** the elasticity of living parts, as muscles; the property or condition of having tone; mode of reaction to stimulus; the healthy elasticity of muscular fibres when at rest. آوازي، اچاري، چڪ، آڪڙ، سوٽ، عضون جي لوچ، عضون جي عام روا جي بيھڪ ۽ چال.

tonight (ٽنائيٽ) **n, adv.** this night; the present night; the night of the present day; on this night or the night of today; last night. اڄ رات، اڄوڪي رات، ھيءَ رات، ايندڙ رات، گذريل رات، ٿيندڙ يا پوندڙ رات.

tonish or **tonnish** (ٽانش) **adj.** modish, having ton. رسمي، چرندڙ، (ساز) چڪيل يا تيار ڪيل.

tonite (ٽونائٽ) **n.** a blasting powerful explosive made from guncotton and barium nitrate. ڌماڪو، ٺٺاڪو، ڇوڙڻ، ٺٺاڪو ڦاڙڻ، ھلاڪڻ.

tonk[1] (ٽونڪ) **vt.** to strike; to defeat; to hit a cricket ball into the air; to hit a ball with a flat, wooden sound or with an unenergetic or casual stroke. ڌڪ ھڻڻ، ھارائڻ، (ڪرڪيٽ بال کي) زور ڏار ڌڪ ھڻي ھوا ۾ سوڪلڻ، سڌو ڌڪ ھڻڻ، ڪاٺ جي ڌڪ جو آواز، ٺڪ، ٺھڪو، سنڪو.

tonk[2] (ٽونڪ) **n.** a penis; a homosexual; an effeminate, weak or ineffectual person. مرداڻو يا نر عضوو، لونڊي بازي، ڪمزور ماڻھو، لونڊو، ضعيف، زنانو مرد، نڪمو، ڪنھن ڪم جو نہ.

tonka-bean (ٽونڪابين) **n.** the coumarin-scented seed of a large papilionaceous tree of Guiana, used for flavouring snuff; the tree from which it comes. چؤلري يا راھين جي قسم جو اَن، سگري ڏيندڙ وڻ، سگريءَ جو ٻج، خوشبودار ناس، خوشبودار بوٽي، ڪنديءَ جھڙو وڻ.

tonlet (ٽونليٽ) **n.** one of a set of overlapping strips that make up the skirt on a suit of armour; a skirt of armour. زرھ جي مٿان پائڻ واري ڪليل پوشاڪ جنھن کي اڳيان ھڪ ٻئي مٿان وراڻي پائجي، ڪليل پوشاڪ، جبو، قبا.

tonnag (ٽونيج) **n.** a shawl with a shaped neck and side fastening. شال يا ڪنبل جنھن کي منڍيءَ لاءِ وچ تي سوراخ ڪيل ھجي، ۽ پاسن کان ٻڌڻ لاءِ ڏوري.

tonnage (ٽونيج) **n.** the cargo- or freight-carrying capacity of a ship measured in tons; the weight of a cargo or freight on a ship; the total cargo-carrying capacity of a country's merchant shipping, measured in tons; a duty on ships, based on their cargo-carrying capacity; a duty on charge charged per ton. جھاز جي ڀرتي، مشڪتي، ٽن ڪتي، مال جي ڀرتي، وزن گنجائش، بحري جھاز جي مال کڻڻ جي گنجائش، ملڪي جھازن جي مال آڻڻ نيڻ جي گنجائش، بحري جھازن جو محصول، ٽن جي حساب سان محصول جي اوڳاڙي.

tonne (ٽن) **n.** the preferred name for a metric ton, a unit of weight equal to 1000 kg (Fr). ھڪ ھزار ڪلوگرام وارو ھڪ ٽن وزن.

tonneau (ٽنو) **n.** the rear part of a motorcar body in which passengers sit, opening at the back; a detachable cover to protect the rear passenger seats in an open car when not in use; a tonne. موٽر گاڏيءَ جو مسافرن جي وھڻ لاءِ پويون حصو، پوئين دروازي کان سوار ٿيڻ، پڪ اپ جو پويون حصو (جيڪو ضرورت وقت ڍڪي يا کولي سگھجي)، ٽن وزن، ھزار ڪلو وزن.

tonometer (ٽونوميٽر) **n.** a device for determining the frequencies of tones, one consisting of tuning

forks; an instrument for measuring fluid pressure (eg within the eyeball), blood pressure or vapour pressure. چڪ پيما، سَرّ پيما، پاڻيءَ جي زور کي پرکڻ وارو اوزار.

tonsil (ٽان سل) **n.** either of two lymph glands on either side of the foot of the tongue in vertebrates; any mass of lymphatic tissue. ڪَلي، ڳلي، غدود، ڪاڪڙو، ڳلي جو پردو، ڪاڪڙي جو پردو.

tonsillectomy (ٽان سلايڪٽمي) **n.** surgical removal of one or both of the tonsils. ڪلي براري، ڳلي پردي جراحي ڳلي جي غدودن جي جراحي، ڪَلين ڪٽائي.

tonsillitis (ٽاسلٽي ٽس) **n.** inflammation of the tonsils. ڪليون پوڻ، ڪلين جي سوڄ، ڪليون اٿڻ.

tonsillotomy (ٽاسلوٽامي) **n.** an incision into followed by complete or partial removal of, a tonsil. ڪلي تراشي، ڪلين کي جراحيءَ رستي ڪڍي ڇڏڻ.

tonsor (ٽانسر) **n.** a barber. حجام، حجم، وار ڪاهيندڙ، سيرب ڪندڙ.

tonsorial (ٽانسورئل) **adj.** of or relating to hairdressing or barbering. وارن ڪاهڻ جو هُنر، حجامت جو ڏنڌو، حجم جو ڏنڌو.

tonsure(ٽان شَر) **n.** the act or mode of clipping the hair; or of shaving the head; the shaven part; the state of being shave; to give a tonsure to. متو ڪوڙڻ، مَنڍ، چٽي ڪوڙڻ، متو مُنائڻ، وار لهرائڻ، گنج ڪرائڻ، لوڙ ڪرائڻ.

tontine (ٽان ٽائين) **n, adj.** an annuity scheme in which several subscribers share a common fund, with their individual benefits increasing as members die until only one member is left alive and receives everything or until a specified date at which the proceeds are divided amongst the survivors. ويسيءَ جو نظام جنهن ۾ ته ختم ٿيندڙ سلسلي هيٺ ويسي وجهي رهبي جيستائين وڃي آخري مالهو بچي جيڪو پوءِ جمع پونجيءَ جو مالڪ ٿئي.

tonus (ٽونس) **n.** the normal elasticity of healthy muscle at rest, tonicity; a tonic spasm. چڪ، ٽاڻ، عضوي لچ، عضون جي عام رواجي چرپر واري حالت، مشڪن جي صحت واري حالت.

Tony (ٽاني، ٽوني) **n.** an award for meritorious working the theatre (in US). آمريڪا ۾ ٿيٽر ۾ اداڪاريءَ جو اعزاز.

too (ٽو) **adv.** as well, in addition, also, likewise; to a greater extent than is required, desirable or suitable; so much as to be incompatible with a condition; extremely; used to enforce, eg a command. پڻ، ٻه، بلڪل، بي حد، حد کان ٻاهر، نهايت، تنهن هوندي.

ڀر، الڪانسواءِ، اوڏين، اهڙيطرح، ساڳيءَ طرح، مناسب، بهتر، ته ٿهڪندڙ، غير مناسب، زور ڏيڻ، زور رکڻ.

toodle-oo or **toodle-pip** (ٽوڊل ٽو- پپ) **interj.** goodbye. الله حافظ، خدا حافظ، موڪلائي، ڀالو نام جو.

tool (ٽل) **n, vt, vi.** any instrument to be used by the hands; the cutting part of a machine tool; someone who is used as the mere instrument of another; anything necessary to the pursuit of a particular activity; any of several devices used to impress a design on a book cover; an impressed design on a book cover; a weapon, esp a gun; a penis; a utility, feature of function available as part of a word-processing package or database (comput); to mark with a tool; to supply with tools; to work with a tool; to provide tools. هٿ اوزار، آلو، ڪاريگرن جا هٿيار، ٽوڪيو، سنج، سنجت، سامان، آلات، اوزاري پيٽي، آلہ ڪاري، هٿ جي ڪٽيجي، ٽاڪڻ، تراشڻ، تيار ڪرڻ، جلد بندي اوزار، ڇپائيءَ جا اوزار، مردانو يا نر عضوو، خوبي، خاصيت، ڪمپيوٽر جو ڪو خاص پروگرام، عمل يا اشارو،اوزارن سان ٽاهڻ، اوزار مَهيا ڪرڻ.

toolbag or **tool-box** (ٽول بئگ يا باڪس) **n.** a bag (or box) for carrying and storing tools. سنجت اوزاري پيٽي، سنج خانو، اوزار ڪڻ جي پيٽي.

tool bar (ٽول بار) **n.** (comput) a bar with a list of utilities, features, functions which appears at the top of a computer screen when running some word-processing and database packages. ڪمپيوٽر جو هڪ پروگرام جنهن ۾ مختلف عملي اشارا موجود هوندا آهن جنهن رستي ضروري عمل ڪرڻ يا ڪم ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.

tool house (ٽول هائوز) **n.** a shed or outhouse for keeping tools in. اوزار يا سنجت رکڻ واري جاءِ، ڪم ڪار ڪرڻ واري جاءِ.

tooling (ٽولنگ) **n.** workmanship done with a tool, eg on stonework or a book cover; the provision and setting up of tools for a machining process. اوزارن رستي ٺاهيل شيءِ، ڪاريگريءَ رستي ٺاهيل، ڪٽي تيار ڪيل پٿر، جلد بندي ڪيل ڪتاب، مشيني ڪم لاءِ اوزارن کي ڪولي تيار ڪري رکڻ.

tool kit (ٽول ڪٽ) **n.** a set of tools. اوزارن جو سيٽ، سنجت، اوزار.

tool maker (ٽول ميڪَر) **n.** a worker who makes or repairs tool, esp machine tools. ڪاريگر جيڪو اوزار ٺاهي يا انهن جي مرمت ڪري، مشين تي اوزار تيار ڪندڙ مستري.

toolman (ٽوَل مئن) **n.** a man who works with tools or in a tool room. ڪاريگر، مستري، استاد، ماهر، اوزارن سان

ڪم ڪندڙ ڪاسبي.

tool-pusher (ٽول پشر) **n.** the supervisor of drilling operations at an oil well.تيل جي کوهہ تي ڪم ڪندڙ مزدورن جو سپروائيزر، نگران.

tool-room or **tool-shed** (ٽول روم يا ٽول شيڊ) **n.** that part of a factory occupied by tool makers.اوزار رکڻ جي جاءِ، ڪم ڪرڻ جي جاءِ، اوزار تيار ڪرڻ واري جاءِ.

tool steel(ٽول اسٽيل) **n.** steel suitable for making tools, hard enough and tough enough to keep a cutting edge..اوزار تيار ڪرڻ لاءِ فولادي سيخ يا مواد، سخت معدني ڌاتو، فولاد.

toom (ٽوم) **adj, n, vt.** empty; a rubbish tip; to empty. خالي، گند جو ڍير،خالي ڪرڻ.

too much (ٽو مچ) **n.** more than is reasonable, tolerable; expressing approval, amazement etc. تمام گهڻو، حد کان وڌيڪ، نظر انداز نہ ڪرڻ جهڙو، مڃڻ جهڙو، حيران ڪندڙ، حيران ڪن.

toon (ٽون) **n.** an Indian tree of the mahogany family, with aromatic red wood used for furniture, carving and astringent bark (Hindi). ٽن، تندڪ (وڻ)، ڪاڙهو ديودار وڻ، ڪاڙهي ڪاٺ وارو وڻ.

toorie or **tourie** (ٽوري) **n.** a small heap; a knob of hair; a tuft or booble on a bonnet, or the bonnet itself..ننڍو ڍڳ، ڍير، وارن جو مچو، چڳ، ٽوپ جي لڙڪندڙ جهالر، جهالر.

toot[1] or **tout** (ٽوٽ) **vi, vt, n.** to make short sharp sounds on a flute or horn; to blow a horn so as to give short sharp sounds; to inhale a drug; a blast, esp as of a horn; a drinking binge; a short of cocaine or any other drug for snorting; a toilet.(توتاري جي) توتو، توتو جو اواز، توتاري جو آواز، توتارو وڄائڻ، تيز آواز ڪڍڻ، سيٽيءَ جهڙو آواز ڪڍڻ، سنک جو آواز، دوا يا نشي آور مادو نڪ رستي وٺڻ، سنگهڻ، سُڪڻ، شراب، جو دؤر، ڪوڪين کي نڪ رستي وٺڻ، پائخانو.

toot[2] (ٽوٽ) **vi, n.** to prey, peer, peep about; to be prominent; a hill on which a lookout is posted. چوڪسي ڪرڻ، ڳجهو وٺڻ، نظر رکڻ، لڪي ڏسڻ، ظاهر هجڻ، اپڪيري بيهڪ جتي چوڪسيءَ لاءِ ماڻهو بيهاريل هجي.

tooth(ٽوٿ) **n, vt, vi.** one of the hard bonelike enamel-coated structures embedded in the jawbones, used for biting and chewing; a hard projection of similar function in invertebrates; taste, relish or appetite: a tooth like projection, prong, cog, jag, as on the margin of a leaf, on a comb, saw or wheel; force, sufficient power to be effective: to provide with teeth; to cut into teeth; to interlock. ڏند، ڏاٽ، ڏندو، ڪنڊو، ڪلي، شاخ، جانورن جي ڏند صورت بيهڪ يا عضوو، جزو، سواد، ضرورت، گهرج، سانگ، چشڪو، ڏاٽ رس، ڪارائيءَ جو ڏندو، ڪٽيندڙ اوزار يا ڦيٿو، قوت، زور، اثر انگيز قوت، اثر رکندڙ.

tooth-ache (ٽوٿ ايڪ) **n.** an ache or pain in a tooth or teeth. ڏندن جو سور، ڏاڙن جو سور.

tooth-ache tree (ٽوٿ ايڪ ٽري) **n.** the prickly ash, so-called because its leaves and bark were used formerly to make a concoction to relieve tooth-ache..ڏندن جي سور لاهڻ واري وڻ جي ڪاٺي، نم جو وڻ ۽ ڪاٺ، ڏندڻن واري وڻ جي ڪاٺي جيئن ڪنهن وڻ جي ڪاٺي يا چوڏو جيڪي ڏندن جو سور لاهڻ لاءِ استعمال ٿيندا آهن جيئن اڪروٽ جو چوڏو ۽ نم جو ڪاٺ.

tooth-billed (ٽوٿ بليڊ) **adj.** (of a bird) having tooth-like projections on the cutting edges of the bill. ڏندائين چهنب وارا پکي جيئن بدڪون ۽ ڪانئرا پکي.

toothbrush (ٽوٿ برش) **n.** a brush for cleaning the teeth. ڏندڻ، ڏندن جو برش، پرياتو، پرياتيو.

tooth comb (ٽوٿ ڪام) **n.** a fine toothed comb..ڦڻي، سنهين ڦڻي، ڪنگو، سنهين ڪنگي.

tooth-drawer (ٽوٿ ڊرائر) **n.** an extractor of teeth.ڏندن ڪڍڻ وارو انبور، چمٽو، چنبورو، ڏند ڪڍندڙ.

toothed (ٽوٿڊ) **adj.** having teeth; dentate..ڏندائون، ڏنديدار، ڏندائين، ڏندن وارو.

toothed whale (ٽوٿڊ وهيل) **n.** a whale of suborder Odonticeti, having teeth rather than baleen plates, including sperm whales, killer whales, and dolphins and porpoises.ڏندن واري وهيل مڇي، بلهڻ مڇي، سنگ ماهي، يونس مڇي، سامونڊي سوئر، دنيا ۾ موجود ٻن قسمن جي وهيل (جانور) مڇين مان هڪ قسم جن کي ننڍا ۽ تيز ڏند آهن.

tooth fairy (ٽوٿ فيئري) **n.** a fairy who substitutes a coin for a milk tooth placed under a child's pillow. ٻارن جي لاءِ هڪ ديو مالائي ڪردار يا پري جيڪا ٻڪل ڏند جي جاءِ تي سڪو رکندي هئي.

toothful (ٽوٿ فل) **adj.** full of teeth; toothsome; a small drink of spirits, etc.ڏند ڀريل، ڏندن وارو، شراب جو ننڍو ڍڪ، پيگ، مزيدار، سوادي، چشڪيدار، لذيذ.

tooth-glass (ٽوٿ گلاس) **n.** a glass for holding dentures, toothbrushes or for use as a tumbler for mouthwash.ٻاهرين بتيسي رکڻ لاءِ گلاس، غرارن ڪرڻ لاءِ گلاس.

toothing (ٽوٿنگ) **n.** projecting bricks or stones left at

the end of a wall to allow its continuation. اوساريءَ ۾ چڏيل هيٺ مٿي وٽي جيئن ردو ملائڻ ۾ سولائي ٿئي.

tooth-ornament (ٽوٿ آرنامينٽ) **n.** dogtooth. ڪچلي، ڪيلو.

tooth paste or **tooth powder** (ٽوٿ پيسٽ يا پاؤڊر) **n.** a paste or powder used with a toothbrush to clean the teeth. ڏندن جي دوا، منجن، ليپ، ڏند صفائي دوا.

tooth pick (ٽوٿ پڪ) **n.** an instrument for picking shreds of food from between the teeth; a Bowie knife. ڏندن کوٽڻي، ڏندن کي صاف ڪرڻ لاءِ ڪاٺ يا لوهه جي سنهي سيخ، سنهو چاقو.

tooth-picker (ٽوٿ پڪر) **n.** a toothpick; someone or something that picks teeth, eg the bird trochilus. ڏندن کوٽڻي، ڏندن کي کوٽڻ لاءِ اوزار يا عضوو، واڳونءَ جا ڏند کوٽيندڙ مصري ليٽيهر پکي.

tooth shell (ٽوٿ شيل) **n.** the tusk shell. (هاٿيءَ جي) ڏند جو کويو يا تهه.

tooth wash (ٽوٿ واش) **n.** a liquid preparation for cleansing the teeth. ڏندن کي صاف ڪرڻ وارو طبي مادو.

tooth wort (ٽوٿ ورٽ) **n.** a pale fleshy plant of the broomrape family, parasitic in tree-roots. بوٽيءَ جو قسم، ڍپ جهڙو بوٽو.

toothy (ٽوٿي) **adj.** with prominent teeth; toothsome; biting. ڏندائون، وڏن ڏندن وارو، سوادي، مزيدار، لذيذ، چشڪيدار، چڪيندڙ، ڏنگيندڙ.

tootle (ٽوٽل) **vi, n.** to make feeble sounds, as on the flute; to go casually along, by car; a soft sound on the flute; a casual drip, a drive. هلڪا آواز ڪڍڻ، تمام آهستي آواز ڪڍڻ (سازتي)، موٽر ڪار ۾ سفر ڪرڻ، هلڪي سواري ۾ مزو وٺڻ.

too too (ٽو-ٽو) **adj. adv.** exquisite; extravagantly and affectedly sentimental gushing; all too; quite too. اَتم، نفيس، لطيف، نادر، عمدو، املڪ، آملهه، جذباتي، شوقين، استاهڪ، تمام گهڻو شوق رکندڙ، نهايت بهتر.

toots or **tootsy** (ٽوٽس) **n.** sweetheart. وڻندڙ، محبوب، پيارو، معشوق.

tootsie, tootsy or **tootsy-woodsy** (ٽوٽسي) **n.** jocular or childish words for a foot or toe. پير يا آڱر لاءِ ٻاراڻو لفظ.

top[1] (ٽاپ) **n, adj, vt, vi.** the highest or uppermost part or place of anything; highest rank; the highest or most important position (in a profession, company, salary scale, scale of authority or privilege); the person occupying this position; the upper edge or surface; a lid or cover; a garment for the upper part of a person's (esp a woman's or child's) body; the highest or loudest degree of pitch; the very best person or thing; top gear; the part of a root vegetable that is above the ground; a circus tent; a topsail; a small platform at the head of the lower mast; a crest or tuft; a trench parapet; a top-boot; topspin; the earliest part; highest; best; most important; to surpass; to reach the top of; to surmount; to be on or at the top of; to take off the top of; to hit the ball on the upper quarter, so that it only travels a few inches along the ground; to kill; (of a male animal) to cover; to finish up, round of. چوٽي، سِرو، ٽوپي، سرپوش، مٿو، سِرُ، چوٽ، مٿي، ڍڪڻ، لاٽون، اوُچ، سرس ٿيڻ، چوٽي ڪترڻ، مَٿ، پٽ، لڪڻ، ڪوٺو، ڪلا، ڪاپار، ڏمڻ، چيهه، (ٽي) ڍڪ چاڙهڻ، ٽوپي چاڙهڻ، چالڪڻ، (وڻ جا) مٿا ڪپڻ، (ڪان) مٿي هڻڻ، گوهه ڪڍڻ، خوب نامي لکي رکڻ، نامر نوهه ڪرڻ، سربراهه، سربراهي، سربراهه جو عهدو، مٿيون تهه، ٻاهريون تهه، بدن جي مٿئين حصي جي پوشاڪ، وڏي آواز ۾ ڳالهائڻ، وڏي آواز ۾ وجائڻ، بهترين ماڻهو يا شيءِ، ڪوهي پرسان ٿهيل ٿلهه، ڪلا يا چَڙ جي ديوار، سرلڳهه جي پردي، لاٽونءَ وانگر ڦرندڙ اوزار، اوائلي حصو، تمام مٿاهون، اوچو، مکيه، معتبر، چوٽيءَ تي رسڻ، ڪاميٽاب ٿيڻ، جيتڻ، لنگهي پار پوڻ، چوٽيءَ تي هجڻ، چوٽي لاهڻ، بال کي مٿئين حصي ۾ ڌڪ هڻڻ، مارڻ، ڍڪڻ، ختم ڪرڻ، مڪمل ڪرڻ، جهلڻ.

top[2] (ٽاپ) **n.** a toy that can be set spinning on its pointed base; a grooved cone held back between the strands in rope-making; a marine gasteropod of the genus Trochus, with a pearly flattish-based conical shell. لاٽون، پوٺري، رسي ناهڻ وارا ڪانيءَ جا هٿيا، سامونڊي صدفي جيت.

topaz (ٽوپيز) **n.** a tarnsparent or translucent precious stone or gem, silicate of aluminium and flourine, yellowish, bluish or colourless; a variety of orange and tangerine hybrid; a shade of dark yellow; a S American humming bird of the genus Topaza. پکراج، قيمتي پٿر، نيم جواهر، آمريڪي شڪر خورو پکي، چيهو پکي.

topazolite (ٽوپيزولائيٽ) **n.** a yellowish or greenish garnet. ريگي پٿر، سائو ريگي پٿر.

top banana (ٽاپ بنانا) **n.** a comedian topping the bill; a leader of an organization.o-o msxro, وڏو مسخرو، ڪنهن اداري جو سربراهه.

top-boot (ٽاپ بوٽ) **n.** a knee-length boot with a showy band of leather round the top. وڏو بوٽ، لانگ

بوت.

top brass (ٽاپ براس) **n.** brass hats; those in authority at the top. لوهي خود، هيٺيان عهديدار، وڏو عملدار.

top-coat (ٽاپ ڪوٽ) **n.** an upper or over-coat. وڏو ڪوٽ، اوور ڪوٽ.

topdead-centre (ٽاپ ڊيڊ سينٽر) **n.** (of a reciprocating engine or pump) the piston position at the beginning of the outstroke, ie when the crank-pin is nearest to the cylinder انجڻ جي هلڻ وقت واري بيهڪ.

top dog (ٽاپ ڊاگ) **n.** the winner, leader or dominant person. ڪٽندڙ (راند يگر)، ڪنٽرول عهديدار، اثر رسوخ وارو ماڻهو.

top down (ٽاپ ڊائون) **adj.** organized or controlled from the top, by he most important or powerful people involved. مٿان کان هلڻ وارو ادارو، مٿين جي حڪم تي هلندڙ نظام.

top drawer (ٽاپ ڊراير) **n.** the highest level, esp of society, belonging to the social rank. مٿيون حصو، سڀ کان مٿيون طبقو، مٿئين درجي وارا.

top-dressing (ٽاپ ڊريسنگ) **n.** manure or fertilizer applied to the surface of soil and not dug in; the application of it; any superficial covering or treatment. پاڻ ڀڪي، پاڻ جو چاڻو، دوا يا پاڻ ڇنڊڪارڻ، فصل ۾ پاڻ وجهڻ.

tope[1] (ٽوپ) **vi, interj.** to drink hard regularly; used in drinking to someone's health. روز گهڻو شراب پيئڻ، خوب پيالا چاڙهڻ.

tope[2] (ٽوپ) **n.** a Buddhist stupa or dome for relics (Hindi). ٻڌ ڌرم وارن جي سماڌ.

tope[3] (ٽوپ) **n.** any of various small sharks. ننڍي قد واري مگرو مڇي، ننڍو مگر.

tope[4] (ٽوپ) **n.** in India, a grove (eg or mangoes), a plantation (Tamil). جهڳٽو، هڙي، ميويدار وڻن جو جهڳٽو، باغ.

topectomy (ٽوپيڪٽامي) **n.** the excision of a part of the cerebral cortex as treatment for certain mental illnesses. دماغي بيماريءَ جي علاج واسطي دماغ جي اوچي يا پوش ۾ سوراخ ڪرڻ.

top-flight (ٽاپ فلائيٽ) **adj.** excellent, superior, of the highest class or quality. بهترين، سٺو، تمام سٺو، واهه جو، سٺي درجي وارو.

topgallant (ٽاپ گئلينٽ) **adj, n.** above the topmast and topsail and below the royal mast; a topgallant mast or sail, or the topgallant rigging. ٻيڙيءَ جومٿاهون سڙهه، وڏو سڙهه، ٻئي نمبر وارو سڙهه چاڙهڻ.

top gear (ٽاپ گيئر) **n,** the highest gear in a motor vehicle or on a bicycle. موٽر گاڏيءَ جو وڌ ۾ وڌ رفتار تي هلائڻ جو گيئر.

tophamper (ٽاپ هئمپر) **n.** unnecessary weight on a ship's upper deck. بحري جهاز جي عرشي تي اجايو يا غير ضروري وزن.

tophat (ٽاپ هيٽ) **n.** a man's tall cylindrical hat with a narrow brim; made of silk plush; upper class; designed to benefit high executives, or the rich. سنهيءَ ڪناريءَ وارو لوپلو، ريشمي يا ٿلهي ڪپڙي جو لوپلو، مٿئين درجي وارن جو (مهانگو) لوپلو، شاهوڪار، مٿيون عهديدار.

top-heavy (ٽاپ هوي) **adj.** having the upper part too heavy or large for the lower (eg of an organization or company) with too many administrative staff or executives; (of a company) over capitalize; tipsy. (ادارو جنهن ۾) آفيسرن جو گهڻو تعداد هجي، مٿئين ٿلهي يا ڳري ڌڙ وارو، تمام گهڻي مٿئين عملي واري آفيس يا ادارو، تمام گهڻي سيڙپ وارو، نشي ۾ خماريل.

Tophet (ٽاپ هيٽ) **n.** an ancient place of human sacrifice near Jerusalem, the valley of Hinnom or part of it, later a place of refuse disposal; hence Hell. يرو شلم جي ڀرسان هڪ جڳهه جتي اڳوڻي وقت ۾ انسان جي قرباني ڪئي ويندي هئي.

tophole (ٽاپ هول) **adj.** excellent, first-class. بهترين، تمام سٺو، مٿيون درجو، پهريون درجو، پهريون نمبر، اول.

tophus (ٽاپ هس) **n.** a gouty deposit, a hard nodule formed of sodium biurate crystals in soft body tissue. گوشت جي ڳوڙهي، بدلي تهه مٿان ڳوڙهو ٺهڻ، هڏي جي سوڄ، ريتي، واري، چڻ، پٿر.

topi[1] or **topee** (ٽاپي) **n.** a hat, esp a sola hat, pith helmet, worn in India (Hindi). ٽوپي، ٽوپ.

topi[2] (ٽاپي) **n.** a large African antilope with curved horns and long muzzle. آفريڪا جو وڏو هرڻ، آفريڪي روجهه - نيل گاهه جهڙو هرڻ.

tournament (ٽورناميٽ) **n.** a series of games to determine a winner or winning team by elimination; a military and athletic display; a military sport of the Middle Ages in which combatants engaged mainly on horse-back, either in troops or singly with spear and sword. ڪسرت، هنربازي، رانديون جا مقابلا، بازيءَ جا مقابلا، جنگي کيلن جا مقابلا، نيزي بازي، فن سپاهه گيري وغيره، مختلف قسمن جا مقابلا جن ۾ طاقتور، پهلوان، شمشير باز وغيره چوندا يا ويندا هئا، گهڻن ٽولين جي رانديون جو مقابلو.

tournedos (ٽورنيڊوس) **n.** a small round thick beef fillet (Fr). وڏي گوشت جو گول ۽ ٿلهو ٽڪر (پچائڻ لاءِ).

tourney (ٽورني) **n, vi.** a medieval tournament; to take part in a tournament. ڪسرتي، جنگي کيلن جا مقابلا، ورزشي ۽ رانديون جا مقابلا.

tourniquet (ٽورنيڪيٽ) **n.** any appliance for compressing an artery to stop bleeding; a turnstile. خون بند اوزار، شريان بند، رت بند ڪندڙ اوزار.

tournure (ٽورنيوئر) **n.** contour, the characteristic turn of line; a bustle or pad worn at the waist (Fr). خاڪو، نقشو، گهيرو، ٻاهرين ليڪ، هيٺ مٿاهين، چيلهه تي ٻڌل پٽي جي آڏي پاسيري ٻيهڪ.

touse, touze, towse or **towze** (ٽائوز) **vt, vi, n.** to haul, to pull about; to dishevel, rumple, tumble; to worry; to rack; to tease out; to touse each other; to be toushed; to tussle; to rummage; a toushing. مٿي ڪٺڻ، ڇڪي ڪڍڻ، هيٺ مٿي ڪرڻ، ترتيب بگاڙڻ، ابتو سبتو ڪرڻ، پريشان ڪرڻ، تنگ ڪرڻ، بيزار ڪرڻ، ٿڪائڻ، هڃا ڪرڻ، ڳولا ڪرڻ، سامان ڪنڊيڙڻ، برباد ڪرڻ.

touser or **towser** (ٽائوزر) **n.** someone who touses; a common name for a big dog. پريشان ڪندڙ، بيزار ڪندڙ، وڏي جسم واري ڪتي جو قسم.

tousle or **touzle** (ٽائوزل) **vt, vi, n.** to disarrange, to tumble; to dishevel; to tussle; to touse things; a tousled mass. چٽا چوڙڻ، وار ڪنڊيڙڻ، شين کي هيٺ مٿي ڪرڻ.

جانوان ڊول ڪرڻ. ابتو سبتو ڪيل سامان.

tous-les-mois (تولي مُوا) **n.** a W Indian plant with bright red flowers, cultivated for the edible starch of its rhizome; its rhizome.(Fr) ويسٽ انڊيز جو هڪ تيز ڳاڙهي رنگ جي گلن وارو ڪاچرو ٻوٽو.

toustie (توسٽي) **adj.** irascible..تکو، ڏنگو، چڙلو، زود رنج، تامشي، غصيلو، ڪاوڙيلو، بخيل.

tousy, touzy, towsy or **towzy** (تائوزي) **adj.** shaggy, unkempt, tousled; rough.هيٺ . بجر، لڙيل ڪڙيل، ڪنڊريل متي ٿيل، خراب ٿيل، ڪنڊڙيل.

tout[1] (تائوٽ) **vi, vt, n.** to solicit for custom in an obtrusive, aggressive or brazen way; to spy on race-horses in training; to watch or spy on; to advertise, praise or recommend strongly; a person who touts; someone who hangs about racing-stables, to pick up profitable information; someone who buys up numbers of tickets for a popular sporting event, and sells them at large profit. آسيل هٽ ڪرڻ، گراهڪ ڦاسائيندڙ، مقدمن جو دلال، دلالي ڪرڻ، گهوڙن جي تربيت دوران چوڪسي ڪرڻ، جاسوسي ڪرڻ، سفارش ڪرڻ، گراهڪ ڦاسائڻ، تعريف ڪرڻ، ليکي ڪرڻ، فائدي مند معلومات گڏ ڪرڻ، (مختلف رانديڻ بابت) جوابي ٽڪيٽن جا نمبر هٽ ڪرڻ ۽ مهانگا ڪري وڪڻڻ.

tout[2] or **towt** (تائوٽ) **vi, n.** to put; a pet, a fit of the sulks; a sudden illness..وجهڻ، پالتو جانور، دورو، مرض، بيماريءَ جو اوچتو حملو، اوچتي بيماري.

tout[3] (تو) **adj, adv.** every; whole; quite; entirely.هر هڪ، سيڪو، سڀ، ڪل، مڪمل طور، ڪامل طور.

tout a fait (ٽو آفو) entire; wholly.مڪمل، سڀ ڪجهه شامل ڪري.

tout au contraire (توڪنٽرر) quite the contrary.آن جي ابتڙ، سوچ جي خلاف.

tout court (توڪور) quite briefly, without preface, simply..تمام معمولي، توري لکت، سڌوسنئون بڌائڻ، ذڪر ڪرڻ، رک رکاءَ کانسواءِ.

tout de meme (توڊيمن) all the same; nevertheless. تڏهن به، ته به، تنهن هوندي، هر ڳالهه جي باوجود.

tout de suite (توٽ سويٽ) at once, immediately.جلدي، اتي جو اتي، ٺهه پهه، بنادير جي.

tovarish (توارش) comrade (Russ). ڪامريڊ، ساٿي.

tow[1] (ٽو) **vt, vi, n.** to pull (eg another car, caravan) behind one with a rope or cable; to pull along; to proceed by being towed; an act of towing; a tow-rope; that which is towed; a rope, esp a bell-rope or a hangman's rope..چڪي ڪشي وڃڻ، رسي سان ٻڌي ڇڪڻ، ٻڌي ڪشي وڃڻ، پاڻي تي ڇڪڻ، رسي، زنجير، ڇڪي ڪشي ويل شيءِ ڦاهيءَ جي رسي.

tow[2] (ٽو) **n, adj.** prepared fibres of flax, hemp or jute, esp separated shorter fibres; fibres of synthetic fibric, eg rayon; of or like tow..پٽ سڻي، تلهي سڻي، سجاوتو، سوتلي، نائلون جي رسي.

towage (ٽونيج) **n.** an act of towing; the condition of being towed; a fee for towing..ٻڌي ڪشي وڃڻ جو عمل، رسي سان ٻڌي ڇڪڻ جو عمل ۽ ان عمل جو خرچ.

toward (ٽوورڊ) **adj, adv.** approaching; at hand; impending; getting on; on hand; favourable; well-disposed; apt; ready to do or learn; on the left or near side; in the direction facing one, inward; towards..ڏي، ڏانهن، پاس، طرف، نسبت ۾، ٻلي، واسطي، قريب، ويجهو، بابت، جانب، ڳالهه تي، سِر متان، فائدي مند، سڻائو، ساجو، مناسب ، موچارو، شپ، سولو، مهربان، سٺي سڀاءَ وارو، لائق، مائل، تيار، ليک، تيز فهم، سکڻ لاءِ تيار، سامهون، اندرين طرف، (پاڻ) ڏانهن.

towards (ٽوئرڊس) **prep.** in the direction of; in relation or regard to; with a tendency to; for, as a help or contribution to; near, a little short of..ڏي، طرف، ڏانهن، پاس، ٻلي، واسطي ويجهو، قريب، لس (ڀر) لاڳاپيل، تمام ويجهو، نزديڪ.

tow bar(ٽوبار) **n.** a metal bar or frame used for towing trailers, etc. وڏن گاڏين کي ڇڪي ڪڍڻ لاءِ لوهي سيخ.

tow-coloured (ٽوڪلرڊ) **adj.** (of hair) very light in colour. پوري رنگ جا وار.

tow boat (ٽوبوٽ) **n.** a tug.جهازن کي ڇڪي بندر ڪرائڻ واري ٻيڙي.

towel (ٽاول) **n, vt.** a piece of absorbent cloth or paper for drying the body; a tea towel; a sanitary towel; a cloth for various purposes, eg a table-napkin, an altar-cloth; to dry or rub oneself with a towel; to cudgel; to thrash..ٽوال، انگوچو، پاڻي چهندڙ ڪپڙو يا ڪاغذ، صفائيءَ جو ڪپڙو، هٿ منهن اگهڻ وارو ٿلهو بخملي ڪپڙو، ٽوال سان پاڻ اگهڻ، صفائي ڪرڻ، صاف ڪرڻ، ڏڪو، سوٽو، ڪٽڻ، سوٽا هڻڻ.

towel-gourd (ٽاول گورڊ) **n.** the loofah. رام توري (ياجي).

towel-horse, towel-rack or **towel-rail** (ٽاول هارس - رئڪ- ريل) **n.** a frame or rail for hanging towels on. ٽوال سڪائڻ لاءِ بيهڪ يا فريم.

towelling (ٽاولنگ) **n.** a rubbing with a towel; an absorbent fabric for towels, sometimes used for bathrobes, curtains; a thrashing. صفائي. توالن سان اگهڻ. ڪرڻ. توالن جو ڪپڙو. پردن جو ڪپڙو. سٽ ڪٽ. مار موچڙو.

tower (ٽاوَر) **n.** a tall building, standing alone or forming part of another; a place of defence or retreat; a medieval war machine consisting of a tall movable structure, which allowed access to a castle' rampart from outside; a control tower; a floór-standing unit containing a hard disk, floppy disk drives, and serial ports (comput); the high flight of a bird; to rise into the air; to be or stand very high or tall; to be superior; (of a hawk) to soar up high so as to sweep or quarry; to rise aloft into. ٿلهه. بُرج. منارو. مينار. لڪڻ يا بچاءَ جي جاءِ. قلعي جي ديوار تي چڙهڻ لاءِ ڪَل يا مشين. چوڪسي رکڻ واري مٿاهين جاءِ ، ڪمپيوٽر جو نظام رکڻ واري پيتي يا دٻو. ڪمپيوٽر جو مکيه حصو. پکيءَ جي مٿاهين اڏام. وڏي قد وارو. قداور. ٻين جي مٿان هئڻ. بهتر هئڻ. (باز جي) تمام مٿاهين پرواز. اڏام ۾ شڪار کي جهٽڻ جو طريقو. تمام مٿاهون ٿيڻ يا اڏامڻ. مٿي چڙهڻ.

tower block (ٽاوَر بلاڪ) **n.** a tall residential or office building. وڏي دفتري يا رهائشي عمارت. گهڻ ماڙ عمارت.

towering (ٽاورنگ) **adj.** very high; extreme; violent. اُچو. شاهي. سخت. تکو. ڏکيو. ڏنگو. ٽوٽانگ.

Tower of Babel (ٽاور آف بابل) **n.** a visionary or unrealistic plan. ناقابل عمل منصوبو. بابل جو منڊپ.

tower of silence (ٽاور آف سائلنس) **n.** a tall open-topped structure on which Parsees place their dead. پارسين جي لاش رکڻ واري جاءِ.

tower of strength (ٽاورآف اسٽرينٿ) **n.** tower over a stable, reliable person; a person who gives strong and reliable support. اعتباري ۽ ثابت قدم ماڻهو. تمام گهڻي ۽ مضبوط مدد ڪرڻ وارو.

tower over (ٽاور اوور) **n.** to be considerably taller than; to be markedly superior to. (کان) وڌو هئڻ. بهترين هئڻ. قد ۾ مٿي هئڻ. قداور هئڻ.

tower-shell (ٽاور شيل) **n.** a gasteropod with an elongated many-whorled spiral shell, or its shell. صدفي مخلوق جي گول ۽ وڏي ڪوڏ شڪل ٻيهڪ.

tow-headed (ٽو هيڊيڊ) **adj.** having very light-coloured or unkempt hair. پورن يا ڪڪن وارن وارو. ڪنڊڙيل وارن وارو.

towhee (ٽاوهي) **n.** any of various N American finches of the genera Pipilo or Chlorura, the cheqink, ground-robin or marsh-robin. بولير يا چنڊول جنس وارا آمريڪي پکي. جهرڪيءَ جيترو بوليندڙ پکي. جهار پکي. لنڊيون جهرڪيون.

towing-bitts (ٽوئنگ ٻٽس) **n.** upright timbers projecting above a ship's deck for fastening towlines to. بحري جهاز تي اُڀا بيهاريل بنڊ جن سان مختلف رسا ٻڌا ويندا آهن.

towing-net (ٽوئنگ نيٽ) a dragnet for collecting objects of natural history. ننڍي زميني جيوت ڪٺي ڪرڻ يا پڪڙڻ لاءِ جاريءَ جي ڪوڙڪي.

towing-path (ٽوئنگ پاٿ) **n.** a path beside a canal or river for hoses towing barges. واهه يا نديءَ سان لاڳيتو رستو جتان رسيءَ رستي ٻيڙن کي اڳتي ڪاهيو وڃي.

towing-rope or **towline** (ٽوئنگ روپ ٽولائين) **n.** a line, rope or cable used in towing. رسو. تار. زنجير. رسي. ڏوري.

town (ٽائون) **n, adj.** an urban area bigger or less rural than a village, with small level of local government and defined boundaries; the principal town of a district; an urban community; the people of a town, esp fashionable society, tradesmen or immoral classes; the business or shopping centre; urban communities generally; a municipal or political division of a county; a township, of a town; urban. شهري جو. شهر. ڳام. نگر. ٺڪر. ڳوٺ. قصبو. ڀهراڙي. ضلعي جو. مکيه شهر. چڱيءَ آباديءَ واري رهائشي بيٺڪ. فيشن وارا ماڻهو. خريداري مرڪز. سڌريل علائقا. ملڪ جو ڪو حصو. آبادي. علائقو.

town clerk (ٽائون ڪلارڪ) **n.** the official responsible for town records etc. ڳوٺ يا شهر جو مک عملدار.

town council or **committee** (ٽائون ڪائونسل ڪاميٽي) **n.** the elected governing body in a town. ٽائون ڪاميٽي. ٽائون ڪائونسل. چونڊيل مقامي ادارو.

town crier (ٽائون ڪراير) **n.** an official who makes public proclamations in a town. پڙهي وارو. پڙهو ڏيندڙ.

townee or **townie** (ٽائوني) **n.** an inhabitant of a town, not a member of the university or a country dweller. ڳوٺ جو رهندڙ. ڳوناڻو. شهري. سڌريل. يونيورسٽيءَ ۾ رهندڙ.

town-end (ٽائون اينڊ) **n.** the end of the main street. مکيه رستي جي پڇاڙيءَ وارو هنڌ.

town gas (ٽائون گئس) **n.** a mixture of coal-gas and carburetted water gas, made and supplied for domestic and industrial use (now substituted with natural gas). گهرو ۽ صنعتي استعمال واري گئس. استعمال. ٻارڻ واري گئس. هترادو ٻارڻ واري گئس.

town hall (ٽائون هال) **n.** a building for the official business of town, with public rooms; a town-

شهر يا ڳوٺ جي مکيه سرڪاري عمارت، ٽائون ڪاميٽيءَ جي house. عمارت.

town house (ٽائون هائوس) **n.** a townhall; a house in town belonging to the owner of another in the country; a fashionable terraced urban house, typically with a garage on the ground floor and living-room above. مڪمل هڪ ماڙ يا ٻه ماڙ جاءِ جيڪا هڪ گهر طور استعمال ڪئي وڃي، ٻاهرئين ملڪ جي رهائشيءَ جي جاءِ، شهري عمارت، سٺي عمارت، ڪشادي عمارت.

town land (ٽائون لئنڊ) **n.** the land forming a manor; a sub-parochial land division, or a township; the enclosure round a farm. شهري علائقي جي وڏي ڪليل عمارت جنهنڪي ٻنهنجي چوڌاري زرعي زمين هجي، هڪ شهري آبادي، زمين جي ورهاست جو ايڪو.

town-planning (ٽائون پلاننگ) **n.** the deliberate designing of the building and growth of towns to avoid haphazard and speculative building. شهر کي منصوبه بنديءَ رستي صحيح نموني بيهڪ ڏيڻ، شهر جي بهتر اوسر لاءِ اڳوات منصوبه بندي ڪرڻ.

town's brain (ٽائونس برين) **n.** a native of a town, esp one's own. شهر جو باشندو خاص ڪري اهو جيڪو اٽان جو اصلوڪو رهواسي هجي، اتي ڄائو هجي.

town scape (ٽائون اسڪيپ) **n.** a portion of a town which the eye can view at once; a picture of it; the design or building of all or part of a town. شهر جو سنو نظارو، شهر جو سٺي بيهڪ وارو علائقو ۽ ان جي تصوير، شهر جي ڪنهن علائقي يا عمارت جي تصوير.

town folk (ٽائون فوڪ) **n.** the people of a town. شهر جا رهواسي، ڳوٺ جا باشندا، شهر جا ماڻهو.

township (ٽائون شپ) **n.** an urban settlement of black and coloured Africans; a subdivision of a county or province; an administrative district; a thirty-six square mile block of public land; a site for a town; a small settlement; the territory or district of a town; the corporation of a town; a village; a community or local division; a parish; a farm in joint-tenancy; the people living in a township.. ڳوٺ، شهر، آبادي، ماڳ، آفريڪا ۾ مقامي باشندن وارو علائقو، تعلقو يا ان قسم جي ورهاست، ديهه، چڪ، ضلع، ڳوٺ آباد ڪرڻ لاءِ مقامي ادارو، مقامي باشندا، مقامي آبادي، گڏيل هارپ هيٺ مخصوص علائقو، مذهبي اداري سان لاڳاپيل حلقو.

town skip (ٽائون اسڪپ) **n.** a city urchin.. رولو، لوفر، ڦندو، ڦورو.

towns-man or **towns-woman** (ٽائونس مئن يا وومن) **n.** an inhabitant or fellow-inhabitant of a town. ڳوٺ يا شهر جو باشندو يا رهاڪو مرد يا عورت.

towns people (ٽائون پيپل) **n.pl.** townfolk.. ڳوٺ جا باشندا، مقامي آبادي.

townpath (ٽائون پاٿ) **n.** a path beside a river or canal, originally used for towing barges by horse. نديءَ يا واهه سان لاڳيتو رستو، ٻيڙيءَ کي گهوڙن سان ڇڪڻ وارو رستو.

towny (ٽائوني) **n.** an inhabitant of a town; a fellow inhabitant; townish. ڳوٺ جو ماڻهو، شهر جو باشندو، مقامي باشندو.

to-worne (ٽو وورن) **adj.** worn-out.. ڳريل، زبون، ڦٽل، هڃيل، ڪمزور، ضعيف.

tow-plane (ٽو پلين) **n.** an aircraft that tows gliders. بنا انجڻ وارن جهازن کي اڏائڻ لاءِ مددگار هوائي جهاز.

tow rope (ٽو روپ) a line used in towing. ڇڪڻ لاءِ رسي، ڏوري، زنجير، واڙ.

tox-, toxi-, toxico- or toxo- (ٽاڪس ٽاڪسي، ٽاڪسيڪو، ٽاڪسو) combining form : denoting - poison, poisonous. زهر، زهريلو.

toxaemia or **toxemia** (ٽاڪسيميا) **n.** blood poisoning; a condition in late pregnancy characterized by a sudden rise in blood pressure.. زهري رت، زهري رطوبت، خوني زهر آلودگي، رت ۾ زهرات جي موجودگي، ڪندرت (پيٽ دوران رت داب وڌڻ جي سبب).

toxaphene (ٽاڪسا فين) **n.** chlorinated camphene used as an insecticide. ڪيميائي جيت ماردوا وارو مادو.

toxic (ٽاڪسڪ) **adj.** of poison; poisonous; poisoned; caused by poison.. زهر، زهري، زهر جو زهر ڪري، زهر وڪيي، زهريلو، زهر آلود، جوڪاڻو، نقصانڪار دوا يا مادو.

toxicant (ٽاڪسيڪنٽ) **adj, n.** poisonous; a poisonous substance. زهر، زهري، زهريلي ٻوٽي، زهر پکيڙيندڙ، زهريلو مادو.

toxication or **toxicity** (ٽاڪسيڪيشن، ٽاڪسيسٽي) **n.** the state of being toxic; the degree to which a substance is toxic. زهر، زهري، زهر بندي، زهري بڻائڻ، زهر جي خصوصيت رکندڙ.

toxicogenic (ٽاڪسيڪو جينڪ) **adj.** producing toxic substances and poisons. زهري جنس، زهر پيدا ڪندڙ.

toxicology (ٽاڪسيڪولاجي) **n.** the science or study of poisons and their antidotes. علم زهريات، وک وديا، علم زهر، زهر ۽ انهن جي لوڙ جو علم.

toxicomania (ٽاڪسيڪومينيا) **n.** a morbid craving for poisons. زهر جي استعمال ڪرڻ جو مرضي روڳ.

toxicophagus or **toxiphagous** (ٽاڪسيڪو فيگس) **adj.** poison-eating. زهر خور، زهريلا مادا استعمال ڪندڙ.

toxicophobia or **toxiphobia** (ٽاڪسيڪو فوبيه) **n.** mor-

bid fear of poisoning.زهـر جو خوف، زهـر خوراڻيءَ جو خوف.

toxic shock syndrome (ٽاڪسڪ شاڪ سنڊروم) **n.** a potentially fatal condition characterized by high fever, vomiting, and diarrhoea, sometimes occurring in menstruating women, using tampons, and attributed to a toxin apparently associated with staphylococcal infection.بدن يا جسم ۾ زهريلن مادن جي واڌ ڪري بخار، الٽي ۽ دستن جي بيماري. عورتن جي ماهواريءَ دوران تڪليف.

toxin (ٽاڪسن) **n.** a ptomaine; a specific poison of organic origin, esp one stimulating the production of anti-bodies.زهريلو مادو. زهري مرڪب جهڪو بيمارين جو سبب بنجي، زهر.

toxocara (ٽاڪسوڪرا) **n.** any of various parasitic worms found in the intestines of dogs and cats and known to cause disease and eye damage in humans.پيٽ جا طفيلي ڪيڙا جيڪي ڪتن ۽ ٻلين ۾ ٿين ٿا ۽ انهن مان انسان کي مختلف بيماريون بشمول نظر جي ڪمزوري لڳن ٿيون.

toxoid (ٽاڪسوائڊ) **n.** a toxin that has been treated to remove its toxic properties without destroying its ability to stimulate production of antibodies.زهر نما، زهر جهڙو، زهريلو مادو جيڪو دوائن ۾ جيوڙا مار مادن طور استعمال ۾ اچي ٿو.

toxophilite (ٽاڪسوفلائٽ) **n.** a lover of archery; an archer; of or relating to archery.تير انداز. تيراندازيءَ جو شوقين. تير اندازي يا زهريلن تيرن جي استعمال بابت.

toxophily (ٽاڪسوفلي) **n.** love of archery; archery.تير اندازيءَ جو شوق، تير اندازيءَ جو هُنر.

toxoplasmosis (ٽاڪسو پلئز موسس) **n.** an infection of animals, esp domestic cat and humans by microorganisms, prob protozoa, of the genus Toxoplasma, causing spontaneous abortion in pregnant women.(جيو مادي) زهر سازي. گهرو جانورن ۾ تمام ننڍن جيوڙن ڪري لڳندڙ مرض. زهر خوراڻيءَ جون بيماريون. عورت کي ڪهاءِ پوڻ يا ڪچو ٻار ڪرڻ واري حالت ۾ زهر جو چڙهڻ.

toy (ٽو آء) **n, adj, vi.** a plaything, esp for a child; a trifle; a bauble; a triffle; anything, esp a gadget, intended or thought of as for amusement, appearances or pleasure rather than practical use; a matter of no importance or thing of little value; a dwarf breed; a jest, idle tale; a trivial dance-tune, or the like; a whim, crotchet; an old woman's cap with side flaps; amorous sport; made in imitation of something else as a playing; of, for or being a dwarf breed; to play with in an idle way and without really being interested; to sport; to flirt or amuse oneself amorously.رانديڪو. کيڏونو. گهوڙو پتهلو. طوق پتلو. راند ڪرڻ لاءِ مختلف رانديڪا. راند ڪرڻ واريون شيون. معمولي شيون. ڪنهن ڪم ۾ نه ايندڙ شيون. رؤلشو. راند. چنچلائي. ناز نخرا ڪرڻ. کيڏڻ. آرڪرڻ. کيلڻ. سوداءُ متي واءُ. لچڻ لاءِ عام ڏن. عورت جي ڪن ڍڪڻ واري ٽوپي. معمولي راند رولد ڪرڻ. پاڻ کي خوش ڪرڻ. دل وندرائڻ. جيءُ بهلائڻ.

toy boy (ٽواء بواء) **n.** the young male lover of a much older woman. پوڙهيءَ يا ڪراڙيءَ جو نوجوان عاشق يا يار.

toy dog (ٽواء ڊاگ) **n.** a very small pet dogپالتو ننڍو ڪتو.

toyish (ٽوائش) **adj.** given to toying or trifling; playful; wanton.راند جو ڪوڏيو. راند ۾ مگن اجايو وقت وڃائيندڙ. عياش. البيلو. رولو. شوقين.

toy shop (ٽواء شاپ) **n.** a shop where toys are soldراندين جو سامان وڪڻڻ وارو دوڪان. رانديڪن جو دڪان.

toy soldier (ٽواء سولجر) **n.** a miniature model of a soldier; a soldier. سپاهيءَ جو پتلو. گڏو يا ڪٺ پتلي.

toy some (ٽواء سَم) **adj.** sportive; playful; whimsical; disposed to toy; wanton.راندين جو ڪوڏيو. رانديگر. کيڏارو. سوداڻي. عَياش. شوقين. البيلو.

toze or tose (ٽوز) **vt.** to tease out, card, comb; to draw out, elicit. زور سان ڇڪڻ. ڏاڍيان تاڻڻ. زوردار ڇڪڻ.

tozie (ٽوزي) **n.** a shawl made from a goat's inner coat. ٻڪريءَ جي ڏاس مان ٺاهيل شال يا لوئي. اوني چادر. ڪٿو.

trabeate or trabeated (ٽربيئيٽ ٽربيئيٽيڊ) **adj.** built of horizontal beams, not arches and vaults..ڪڙيدار. شهتيري. سڌين ڪامن تي بيهاريل اڏاوت.

trabeation (ٽربيئيشن) **n.** an entablature; a combination of beams in a structure. ڪڙي بندي. شهتير بندي. شهتيري عمارت. سڌي يا لسي بيهڪ واري عمارت.

trabecula (ٽربيڪيولا) **n.** a cell, row of cells, band or rodlike structure running across a cavity or forming an internal support to an organ. گِندو. ڪڙي. سهاروڏيندڙ پٽي. ڪوٺڙين يا خانن جي صورت واري بيهڪ ۽ اُن مٿان پيل لسي يا سڌي ڇت. ٿلهن تي بيهاريل عمارت.

trabeculate or trabeculated (ٽربيڪيوليٽ يا ليٽيڊ) **adj.** having trabeculae; transversly barred..گِنداڻون. گِنديدار.

tracasserie (ٽرڪئسري) **n.** turmoil (Fr)..گوڙ بکيڙو. خرخسو. هُل هنگامو. کٽ. سورش. هل بکيڙو. فساد. افراتفري.

trace[1] (ٽريس) **n, vt, vi.** an indication, mark of what is or has been; a mark left by anything; a small quantity that can just be detected; a track; a foot-

print; a foot-sep; vestige; a beaten path; at racing; a line marked by a recording instrument; a line or lines of the screen of a cathode-ray tube forming the display; a mental or neural change caused by learning; an amount of rain or snowfall that is too small to be measured; an intersection with or projection on a surface; a way, course; the ground-plant of a work; to track; to follow step by step; to detect; to discover the whereabouts of; to follow to its origins or source; to walk; to move; to tread a measure. نشان، ليڪ، ٻيهڪ، سک، آسار، پيرو، خاڪو، ليڪو، ليئو، پٽن، پتو، کرُ، ڏس ڪر، اهڃاڻ، کوج، شڪل ، نقل، ليڪن، الڪارڻ، نقشو ڪڍڻ، پتو لهڻ، پيرو کڻڻ، مثان رکي اتارڻ، ڳولي لهڻ، رستو، پيرن جا نشان، پڙهڻ ۽ تربيت ڪري آيل دماغي تبديلي، معمولي برسات يا برفباري، چؤ راهو، چؤ دڳي، رستو، دڳ، پيچرو، ڪم جو خاڪو، ابتدائي نقشو، درجي به درجي اڳتي وڌڻ، اصل يا ماخذ تائين پهچڻ، هلڻ، چرڻ، پرڻ، ڳتي قدم کڻڻ.

trace[2] (ٽريس) **n, vt.** a rope, chain or strap attached to an animal's collar or breast-strap for drawing a vehicle; a bar for transmitting motion; the vascular tissue branching from the cylinder to pass into a leaf or branch; a short piece of wire, gut or nylon connecting the hook to the fishing line; to harness in traces.گاڏي ۾ جوٽيل وهٽ کي گاڏيءَ سان جوڙڻ وارو رسو يا پٽو، چرير کي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچائڻ وارو ڏنڊو يا سيخ، ڏري، ڏالهيءَ سان پن کي جوڙڻ واري رگ يا تند، تار جو معمولي ٽڪر، مڇي پڪڙڻ واري ڏوري، رسن يا ڏورين سان ٻڌڻ.

traceable (ٽريسبل) **adj.** that may be traced. لڀڻ جوڳو، باريڪ ڳولا جوڳو، پتي پوڻ جهڙو، هٿ ڪرڻ جهڙو.

trace element (ٽريس ايليمينٽ) **n.** a micronutrient, a substance (such as zinc, copper or molybdenum) whose presence in the soil or food in minute quantities is necessary for plant and animal growth.خفيف عنصر، ننڍو عنصر، ننڍو خوراڪي عنصر، خفيف غذائي جزو، جسمي ٻج کهڙ لاءِ ٻوٽي يا جانور کي ٿوري مقدار ۾ گهربل ڪيميائي عنصر استعمال ڪرائڻ.

trace fossil (ٽريس فاسل) **n.** the fossilized tracks, burros, of an organism (but not the organism itself). پٿر ٿي ويل مادا، پٿر ٿيل جا نشان، اڳوڻي زماني جي جانورن جي پيرن جا نشان.

trace-horse (ٽريس هارس) **n.** a horse that draws in traces. جوٽيل گهوڙو، ٽانگي يا گاڏيءَ ۾ ٻڌل گهوڙو، گيڙي ڪندڙ گهوڙو.

tracer (ٽريسر) **n.** a person who traces; an instrument for tracing; a probe for tracing a nerve; a device by which a projectile leaves a detectable trail, usu of smoke; a projectile equipped with this; a radio active isotope introduced in to the body to study physiological processes by tracking the radiation it produces.پارکو، ڳوليندڙ، نشان گير، خاڪي ساز، نقل تيار ڪندڙ ماڻهو يا مشين .رگ يا نس ڳولڻ وارو اوزار، اوزار جنهن رستي هٿيار چوڙي سگهجي، ڳولي لهڻ جهڙو نشان، پيرو، بدن ۾ جوهري مادو داخل (ڪري چڪاس) ڪرڻ.

tracery (ٽريسري) **n.** an ornamental, fine, decorative pattern; ornamental work in Gothic architecture, esp in the upper part of windows.نقش ۽ نگار، دَريءَ جي محراب تي جاريدار ڪم.

traces (ٽريسز) **n.pl.** the ropes, chains or straps which are attached to a drawing animal, the markings left after or behind.جَوٽا، پٽا، رَسا، زنجير، جانور جوٽڻ لاءِ ڪنڌ سان ٻڌڻ وارا رسا، زنجيرون يا پٽا جن سان اهي ڪي اوزار يا گاڏيون ڇڪين ٿا، نشان، اهڃاڻ، آثار.

trachea (ٽريڪيا) **n.** a passage strengthened by cartilaginous rings that carries air from the larynx to the bronchi, the windpipe; the air-tube in air-breathing arthropods; a conducting tube in xylem.. ساهه نلي ، ساهه کڻائڻ واريءَ نلي جا سوراخ، رگ، نس، نلي، ساهه نلي، جيوت جي ساهه کڻ واري نلي، ٻوٽن کي هوا پهچائڻ وارا سوراخ ۽ نليون.

Trachearia (ٽريڪيريه) **n.pl.** small arachnids such as mites and ticks, with tracheae, but no lung-books.ننڍي جيوت جن ۾ چچڙ، جوئا ۽ ٻيا ساهه نلين وارا عضوا رکندڙ جانور، خاص ڪري اهي جن ۾ ڦڦڙ نه آهن.

Tracheata (ٽريڪيٽه) **n.pl.** arthropods with tracheae.هوا نلي سان ساهه کڻندڙ جيوت، هوا نليدار جاندار.

tracheitis (ٽريڪيٽس) **n.** inflammation of the trachea. ساهه نلي سوڄ، هوا نلي سوڄ، رگ سوزش.

trachelate (ٽرڪيليٽ) **adj.** having a neck.گردن نما، گردن دار، ڳچيءَ وارو جاندار، هڪ جيت جو قسم.

tracheo-(ٽرڪيو) combining form : denoting - the trachea. رگ، نس، ساهه نلي.

tracheophyte (ٽرڪيوفائٽ) **n.** a plant with a vascular system of xylem and phloem..رڳائون ٻوٽو، رڳدار نبات، نسن وارو ٻوٽو.

tracheoscopy (ٽرڪيو اِسڪوپي) **n.** inspection of the trachea. رگ بيني، رگن جي چڪاس يا تپاس.

tracheostomy (ٽرڪيوسٽامي) **n.** surgical formation of a temporary or permanent opening into the trachea.ساهه نليءَ ۾ عارضي طور يا هميشه لاءِ ٽڪو ڏيڻ سوراخ.

ڪرڻ. هوا نليءَ ڪي پيو لنگهہ ڏيڻ.

trachetomy (ٽرڪيوٽامي) **n.** an incision into the trachea to relieve an obstruction. رڳ جراحي، رڳ تراشي. هوا نلي جراحي، نڙيءَ ۾ نلي وجهي ساهہ ڪاٽڻ.

trachinus (ٽرڪائنس) **n.** a member of the weever genus of fishes giving name to the family. جنس نشتر ماهي.

trachoma (ٽرڪوما) **n.** a contagious disease of the eye, characterized by hard pustules on the inner surface of the eyelids. ڪڪرو، اکين جو وچڙندڙ مرض. اک جي پنبڻ تي ڳوڙهن وارو مرض.

trachypterus (ٽريڪپٽيرس) **n.** a member of the dealfish genus giving name to the ribbonfish family. مڇين جي جنس .

trachyte (ٽرڪائٽ) **n.** a fine-grained intermediate igneous rock with little or no quartz, consisting largely of alkali-feldspars (eg sanidine) and a small amount of coloured silicates (eg hornblende or mica). سخت ٻهاڙي سخت جابلو ٽڪر.

tracing (ٽريسنگ) **n.** the act of some one who traces; a drawing copied mechanically or on translucent paper laid over the original; an instrumental record. نقشو ڪڍڻ، ليڪڻ، اتارڻ، نقل ڪاري، مٿان رکي اتارڻ يا ليڪڻ. مشين رستي تيار ڪيل نقشا.

tracing paper (ٽريسنگ پيپر) **n.** translucent paper used for making tracings. نقشي ڪشي پنو. شفاف پنو. نقل ڪاري ڪاغذ. نقل گير پنو.

track[1] (ٽرئڪ) **n, vt, vi.** a mark or trail left; a beaten path or road: a foot-print; a made path; a sequence or course of thoughts or actions; the predetermined line of travel of an aircraft; a line of motion or travel; a course, on which races are run; a railway line, the trails and the space between; the groove cut in a gramophone record by the recording instrument; one out of several items record on a disc or tape one of several areas or paths on magnetic recording equipment receiving information from a single input channel; a film's soundtrack; any of several more or less demanding courses of study designed to meet the respective needs of students divided into groups according to ability; the endless band on which the wheels of a caterpillar vehicle run; (in factory) a conveyor carrying goods in process of manufacture; to traverse; to follow the progress of; to follow the movement of a satellite, or spacecraft by radar and record its positions; to follow or move in relation to a moving object; to leave dirty marks on a floor; to follow a trail; to make one's way; to run in alignment. رستو، گس، پيچرو، پنڌڙي، نقش، پيرو، لڪير، پيرو ڪڍڻ، لوهہ ڪڍڻ، پيرو ڪڻي پهچڻ، سوچن جو سلسلو.هوائي جهاز جي اڏام جو اڳ طئي ٿيل رستو، زور يا اثر جو رخ، ڊوڙڻ لاءِ تيار ڪيل رستو، ريل جي پٽڙي، فوني جي رڪارڊ ۾ رڪارڊ ڪرڻ واري اوزار جا گول نشان . ٽيپ يا فوني جي مختلف رڪارڊ ڪيل حصن مان هڪ حصو. فلم جي آواز وجهڻ واري پٽي، مختلف شاگردن لاءِ انهن جي ڪهرج ۽ اهليت مطابق تيار ڪيل درسي نصاب. لوهي ڦيٿن تي هلڻ واري چين يا لوهي زنجير (جو نہ ختم ٿيندڙ سلسلو)، فيڪٽريءَ يا هوائي اڏي تي سامان ڪڻي هلڻ وارا گول ڦرندڙ پٽا. پنيان هلڻ، پير ڪڻڻ، ترقي يا رفتار کي نظر ۾ رکڻ، خلا ۾ موجود اپگرهن تي نظر رکڻ جو نظام، ڪنهن هلندڙ شيءِ سان گڏ هلڻ. فرش تي هلڻ جا نشان ڇڏڻ. رستو ناهڻ، ٻيهڪ ٻيهارڻ.

track[2] (ٽرئڪ) **vt, vi.** to tow; to travel by towing. رسيءَ سان ڇڪڻ ،ڇڪي کڻي هلڻ. ڇڪجي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ وڃڻ.

trackball or **trackerball** (ٽرئڪ بال يا ٽرئڪر بال) **n.** a spherical ball mounted in a small boxlike device, that can be rotated with the palm of the hand causing the cursor to move across the screen. ڪمپيوٽر کي هلائڻ وارو هڪ پرزو. (ڪونو يا مائوز) کي هلائڻ لاءِ پيل گول بال جيڪو استعمال ۾ آساني پيدا ڪري ٿو.

trackbed (ٽرئڪ بيڊ) **n.** the foundation layer on which railway tracks are laid. ريل جي پٽڙي ٻيهارڻ لاءِ تيار ڪيل ٻيهڪ يا بند. ريل جو بنيادي تهہ.

track dog (ٽرئڪ ڊاگ) **n.** one used for tracking, esp in police searches. بوءِ يا نشانن کي ڳوليندڙ ڪتو، کوجنا ڪندڙ ڪتو. کوجي ڪتو. جاسوس ڪتو.

tracker (ٽرئڪر) **n.** a person or thing that tracks; a police dog tracking by scent; a wooden connecting rod in the mechanism of an organ; a person who tows; a tug; a pulling part in the action of any organ. پيري، پيرادو، پڳي، پيروادي، پيشادي، ڪانيءَ جي لٺ، ڇڪي کڻي هلڻ وارو، ٻيڙي جيڪا وڏي ٻيڙيءَ کي ڇڪي، ڪنهن بہ عضوي جو ڇڪڻ وارو حصو.

track event (ٽرئڪ ايوينٽ) **n.**(in a sports competition) a race of any kind. (راندين ۾) ڊوڙڻ جا مختلف مقابلا.

tracking (ٽرئڪنگ) **n.** excessive leakage current between two insulated points due to moisture; disposition of the tone-arm on a gramophone so that the stylus remains correctly positioned in the groove; the division of study courses or students in

tracks.(کهر ڪري) بجليءَ جو پن مقرر چيزن درميان وڌيل اخراج.
فولي جي ٻالهن يا سنٺيءَ واري پرزي جي رڪارڊ تي صحيح ٻيهڪ.
شاگردن کي مختلف ڪورسن ۾ سندن ضرورتن ۽ استعداد مطابق
ورهاست جو نظام.

tracking station (ٽريڪنگ اسٽيشن) n. a station with radar and radio equipment allowing it to track spacecraft, aircraft and satellites through the atmosphere or space.راڊار، راڊار جهڙي ٻيهڪ واري جاءِ جتان
خلا ۾ موجود مختلف شين جي چرپر کي چڪاسيندو رهجي.

track-layer (ٽَرئڪ ليئر) n. a tracklaying vehicle; a trackman. پٽا ڪيڍندڙ ٽرئڪٽر يا اوزار. پٽا ڪيڍندڙ ماڻهو.

track-laying (ٽرئڪ ليئنگ) adj. (of a vehicle) having caterpillar tracks.پٽا ڪيڍندڙ. سُرندڙ يا رهندڙ مشين يا
ٽرئڪٽر. لوَهي زنجيري ڦيٿن وارو ٽريڪٽر يا بلڊوزر.

tracklement (ٽرئڪ ليمينٽ) n. a condiment, accompaniment to food.مناڻ. منو ڪاڌو. عام ڪاڌي سان گڏ مناڻ وارو
ڪاڌو.

trackless (ٽرئڪليس) adj. without a path; untrodden; leaving no trace; running without rails.بي واٽو. ري
واٽو. بنا پنڌ پيچري. بنا اچ وڃ جي نشان جي. بنا ريل جي پٽن جي.
بنا ڏک جي.

track record (ٽرئڪ رڪارڊ) n. a record of past performance, orig that of an athlete, now generally that of any individual or company.ڪنهن به رانديگر جي
گذريل وقت ۾ ڪيل ڪارڪردگيءَ جو حساب. اداري جي ڪار
ڪردگيءَ بابت بيان. ڪار گذاري.

track shoe (ٽرئڪ شُو) n. a lightweight spiked running show worn by athletes.رانديگرن جي استعمال وارو هلڪو.
نرم ۽ سخت تري وارو بوٽ.

track suit (ٽرئڪ سوٽ) n. a loose warm suit worn by athletes before and after competing or when in training.رانديگرن جو ورزش يا راند دوران پائڻ وارو ڪشادو ۽
گرم وڳو يا پوشاڪ.

track-walker (ٽرئڪ واڪر) n. a person who has charge of a railway track.ريلوي جي پٽي جي سنڀال ڪندڙ
عملدار. ٻليءَ وارو.

track way (ٽرئڪ وَي) n. a beaten track; an ancient road. پرالو رستو. تمام ڪهنو استعمالي لنگهه.

tract[1] (ٽرئڪٽ) n, vt. a stretch or extent of space or time; an area; a region of the body occupied by a particular system; a trace, track; to trace, track.
علائقو. پاڳو. خطو. حصو. دائرو. ملڪ. زمين. ٽڪرو. رقبو. پکيڙ.
ديس. ضلعو. زمين ٽڪر. هڪ نظام هيٺ علائقو. رستو. لنگهه.
پيچرو.

tract[2] (ٽرئڪٽ) n. a tractate; a pamphlet or leaflet, esp political or religious.رسالو. پترو. ڇوٽو رسالو. اشتهاري
يا معلوماتي ڇولپڙي.

tractable (ٽريڪٽبل) adj. easily drawn, managed or taught; docile; malleable.تربيت پذير. آسانيءَ سان ڇڪڻ
جهڙو. تربيت پذيري. چئي وان. حليم. سراولد. نرم. ملايم. ڪَٽڻ
لائق. اثرپذير.

tractarian (ٽٽڪٽيرين) n. a writer of tracts.ننڍا مضمون
لکندڙ. پمفليٽ يا رسالا ڪيڍندڙ.

tractarianism (ٽرڪٽيرينزم) n. the system of religious opinion promulgated in these, its main aim being to assert the authority and dignify of the Anglican church.عيسائين جو مذهبي تبليغ جو طريقو جنهن ڪاڻ هو مواد
ڇاپي مفت ورهائيندا رهندا آهن.

tractate (ٽرئڪٽيٽ) n. a treatise, a tract..مضمون. پستڪ.
رسالو. معلوماتي ڇولپڙي يا پمفليٽ.

tractile (ٽرئڪٽائل) adj. ductile, capable of being drawn out. ڇڪ پذير. تاڻ پذير. ڇڪڻ جهڙو.

traction (ٽرئڪشن) n. the act of drawing or pulling or state of being drawn or pulled; the pulling on a muscle, organ by means of weights, to correct an abnormal condition; the grip of a wheel, tyre, on the surface on which it moves; the propulsion of vehicles..ڇڪ. زور. گهل تاڻ. ڇڪڻ. گهلڻ. ڪاهڻ. ريڙهڻ.
ڪشش يا ڪنچاءُ. ڪَرشڻ. ڇڪجي رهڻ واري حالت. (ريلوي) انجڻ
جي ڇڪڻ واري قوت.

traction engine (ٽرئڪشن انجن) n. a locomotive for hauling heavy loads over roads or fields.ريل جي تمام
گهڻي وزن کي کڻي هلندڙ انجڻ. ڇڪ انجڻ. بار ڇڪيندڙ ٻاڦ انجڻ.

traction load (ٽرئڪشن لوڊ) n. the part of the solid material carried by a river which is rolled along the river bed.نديءَ جي وهڪري سان گڏجي ايندڙ وڏا پٿر ۽ ٻيو گورو
مادو. لٽ وارو مادو.

traction wheel (ٽرئڪشن ويل) n. the driving wheel of a locomotive engine.ريل جي انجڻ جو ڇڪڻ يا نظام کي
هلائڻ وارو ڦيٿو.

tractive force (ٽرئڪٽيو فورس) n. the pull which a locomotive, engine is capable of exerting at the drawbar; the force necessary to detach the armature from an excited electromagnet.قوت ڪشش انجڻ جي
ڇڪڻ جي قوت جنهن رستي اها بار کڻي هلي ٿي.

tractor (ٽرئڪٽر) n. a motor vehicle used for hauling trailers, agricultural implement; the short front section of an articulated lorry, containing the engine and driver's cab; a traction engine; an aircraft with a screw propeller in front; a screw propeller

mounted in front on an aircraft; a motorized plough; bars of different metals which, drawn over diseased parts of the body were supposed to give relief.ٽرئڪٽر. ڇڪيندڙ انجڻ يا مشين، ڇڪ انجڻ. اوزارن ڇڪڻ جي ڪل. متحرڪ قوت مشين. ڊيزل، پيٽرول يا گئس تي هلڻ واري طاقتور ڇڪيندڙ انجڻ جنهن جا پويان وڏا ۽ اڳيان ننڍا ڦيٿا ٿين ٿا. هي بار ڍوئڻ، زرعي اوزارن ڇڪڻ ۽ ٻين ڪمن لاءِ ڪتب اچي ٿو. بيمار عضون مٿان ڦيرائڻ واري مشين جيڪا انهن کي فرحت ڏئي ٿي. زورن ڏيڻ وارو اوزار. هوائي جهاز کي اڳيان لڳل پر.

tractoration (ٽرئڪٽوريشن) **n.** the use of metal bars to give relief of diseased parts of the body.ڇڪ پٽي بندي، بدن جي عضون کي ڇڪ رستي آرام ڏيڻ.

tractor feed (ٽريڪٽر فيڊ) **n.** a device for feeding and advancing continuous stationery through the platen of a typewriter, printer by use of a toothed wheel or sprocket and perforation in the paper.ڪمپيوٽر لاڳو ڇاپي واري مشين جيڪا پاڻ مرادو ڪاغذ کي ڇڪي ڇاپيندي آهي. پاسن کان سوراخ لڪتل پني ڪٽڻ واري ڇپائي يا ٽائيپ مشين.

tractrix (ٽرئڪٽرڪس) **n.** a curve such that the intercept of a tangent by a fixed straight line is constant. ڪشش، ڇڪ وارو، سڌي ٻيهڪ رکندڙ.

trade (ٽريڊ) **n, vi, vt.** an occupation, way of livelihood, esp skilled but not learned; employment; shopkeeping; commerce as opposed to a profession; buying and selling; people engaged in a specific occupation; customers, clientele; commercial customers as opposed to the public in general; business at a particular time or for a particular market; a craft esp requiring training; a deal; commodities for barter; a practice; the trade winds; a track, trail, treading; a way of traffic; resort; a way; rubbish; medicine; to engage in commerce; to deal; to traffic; to buy and sell; to take goods; to reckon, count, presume; to exchange commercially; to barter..واپار، ونج، ڌنڌو، ڪرت، تجارت، ڪاروبار، ڪسب، سوداگري، سودو، پيشو. ڌنڌي ڌاڙيءَ وارا ماڻهو، ونج واپار ڪندڙ، واپار سان تعلق رکندڙ، سودو، سودو ڪرڻ، سامان جي ڏي وٺ ڪرڻ. واپاري مدد گار هوائون، رستو، ريل، ڏگ، پيچرو، لنگهه، اچ وڃ جي جاءِ، مختلف قسم جون سواريون. گند ڪچرو، دوا درمل، ڌنڌو ڪرڻ، واپار ڪرڻ، شيون ڏيڻ وٺڻ، خريدڻ، وڪڻڻ ڳڻڻ، حساب ڪرڻ، وڪرو ڪرڻ، ڏي وٺ ڪرڻ.

trade barrier (ٽريڊ بيريئر) **n.** anything which prevents or hinders international trade, eg tariffs and quotas..بين الاقوامي واپار تي لڳل مختلف قسمن جون پابنديون، محصول، ڪوٽا وغيره جو نظام.

trade board (ٽريڊ بورڊ) **n.** a council for settling disputes consisting of representatives of both employers and employees in a trade.واپارين جي درميان ڏيتي ليتيءَ جي ڦڏن کي فيصل ڪندڙ ادارو. ملازمن ۽ سندن مالڪن درميان پيدا ٿيل معاملن کي سنڀالڻ وارو ادارو.

trade book (ٽريڊ بوڪ) **n.** a book published by a commercial publisher and intended for general readership. اشاعتي اداري طرفان ڇاپيل عام وڪري جو ڪتاب.

trade craft (ٽريڊ ڪرافٽ) **n.** skill or expertise in the practice of a trade, esp that of espionage.واپار يا ڌنڌي ڪرڻ جا طريقا، جاسوسي ڪرڻ جا طور طريقا.

trade cycle (ٽريڊ سائيڪل) **n.** the recurring series of conditions in trade from prosperity to depression and back to prosperity.واپار ۾ لاهيون چاڙهيون، گهٽ وڌايون، هيٺ مٿاهيون، تجارتي دؤر، واپاري چڪر.

trade deficit (ٽريڊ ڊفسٽ) **n.** the extent by which a country's imports exceed its exports.واپاري خسارو، خير ملڪي واپار ۾ نقصان يا خسارو.

trade discount (ٽريڊ ڊسڪائونٽ) **n.** a discount offered to others in the same trade..ڌنڌي وارن طرفان رعايت ڏيڻ، واپار ۾ رعايت ڏيڻ وارو اصول، واپاري ڪٽوتي.

trade edition (ٽريڊ ايڊيشن) **n.** a standard edition of a book rather than a deluxe or bookclub edition. اشاعتي اداري جي ڇاپيل ڪتاب جي عام ايڊيشن، عام ڇاپو.

traded option (ٽريڊڊ آپشن) **n.** an option that can itself be bought and sold.مکياري سودو، مکياري طريقي واپار ڪرڻ جو سرشتو.

trade gap (ٽريڊ گئپ) **n.** the amount by which a country's visible imports exceed its visible exports in value..(ٻاهرئين واپار ۾) ملڪي آمد ۽ روانگي وارن سودن جو فرق. وڌيڪ سامان گهرائڻ ۽ گهٽ موڪلڻ جو فرق.

trade-in (ٽريڊ اِن) **n.** that which is given in part payment. واپاري مال جي خريد تي ڏنل اڳوات رقم.

trade journal (ٽريڊ جرنل) **n.** a periodical containing information and comment on a particular trade. ڪنهن خاص مال جي واپار بابت مختلف معلومات ڏيندڙ رسالو.

trade mark (ٽريڊ مارڪ) **n.** any name or distinctive device warranting goods for sale as the production of any individual or firm..واپاري مارڪو، ڇاپ ، ٺپو، مهر، ڌنڌي جو نشان، تجارتي نشان، آنڪ، مهر تجارت، ڪارخاني جو نشان، واپاري نشان.

trade name (ٽريڊ نيم) **n.** a name serving as a trademark; a name in use in the trade; the name under which a company trades..واپاري ڇاپ، ڪاروباري نالو.

تجارتي نالو، واپاري نالو، تجارتي اسم.

trade off (ٽريڊ آف) **n.** the giving up of one thing in return for another, as an act of compromise..ناهہ ڪرڻ. ڏکي وٺي معاملو برابر ڪرڻ. سودن جو سڌو واپار ڪرڻ.

trade paper (ٽريڊ پيپر) **n.** a trade journal. .تجارتي رسالو.

trade plate (ٽريڊ پليٽ) **n.** a temporary number plate attached to a vehicle by dealers, prior to its being registered.گاڏين جو واپار ڪرڻ وارن کي مليل مڪيہ نمبر جنهن رستي هو گاڏين کي مالڪن تائين پهچائي سگهندا آهن.

trade price (ٽريڊ پرائيس) **n.** the price at which goods are sold to members of the same trade, or by wholesale to retail dealers..واپاري قيمت، تجارتي قيمت، شين جي پڌي وڪري واري قيمت.

trader (ٽريڊر) **n.** a person who trades; a trading ship; a member of the stock exchange trading privately and not on behalf of clients..واپاري، تجارتي، واپاري ماڻهو، وڻجارو، سوداگر، وڻجات، تاجر، حصن جي ڪاروبار ڪرڻ وارو پلاوٽو، دلال.

trade route (ٽريڊ روٽ) **n.** a route followed by caravans or trading ships.واپاري سرشتو، تجارتي وسيلو، واپاري ڪافلن يا جهازن جو عام اچ وڃ جو رستو.

trade sale (ٽريڊ سيل) **n.** an auction sale of goods by products, to persons in the trade.واپارين کي ليلامي، رستي شيون وڪڻڻ جو سرشتو.

tradescantia (ٽرڊ سڪنيشا) **n.** any plant of the American (spiderwort) genus with attractive, often variegated foliage. آمريڪي مختلف رنگن وارو ٻوٽو.

trade school (ٽريڊ اسڪول) **n.** a school teaching mainly skilled crafts.ڌنڌا سيکارڻ وارو اسڪول يا ادارو، مختلف هنر سيکاريندڙ ادارو، هنري اسڪول.

trade secret (ٽريڊ سيڪريٽ) **n.** a secret and successful formula, process, technique, known only to one manufacturer.تجارتي راز، واپار جا راز، ڪنهن شيءِ ٺاهڻ جو خاص ڍنگ؛ يا طريقو ڪنهن شيءِ ۾ شامل جزن جو فارمولو.

tradesman (ٽريڊ سمئن) **n.** a shopkeeper; a skilled worker; a mechanic..واپاري، دڪاندار، هنري مزدور، مستري، ڪاريگر، ماهر.

trades people (ٽريڊس پيپل) **n.pl.** people engaged in trade; shopkeepers; mechanics; skilled workers..واپاري ماڻهو، مختلف ڌنڌا يا هنر ڪندڙ، هنري ماڻهو، مستري، ڪاريگر، ماهر.

trade union (ٽريڊ يونين) **n.** an organized association of workers of an industry for the protection of their common interests..مزورن يا ڪمين جي اتحادي جماعت، واپاري جماعت، ڪاريگرن جو اتحاد.

trade-weighted (ٽريڊ ويٽڊ) **adj.** (of exchange rates) weighted according to the significance of the trade carried on with the various countries listed.مختلف ملڪن جي نالي جي اگهہ ۾ واپار جي نسبت سان ايندڙ تبديلي.

trade wind (ٽريڊ ونڊ) **n.** a wind blowing toward the thermal equator and deflected westward by the eastward rotation of the earth..تجارتي هوا، واپاري رخ، سمنڊ جي مٿاڇري تي هلندڙ، تجارت مددگاري هوائون.

trading (ٽريڊنگ) **n.** the act of engaging in trade..واپار، تجارت، واپاري، تجارتي، هنري، هنر وارا.

trading estate (ٽريڊنگ اسٽيٽ) **n.** an industrial estate..صنعتي علائقو، صنعتن کي قائم ڪرڻ لاءِ خاص علائقو، مخصوص علائقو.

trading post (ٽريڊنگ پوسٽ) **n.** a store, established in an esp remote, thinly-populated or hostile area.وڏي واپاري اداري جي مرڪز کان ڏور قائم ڪيل شاخ.

trading stamp (ٽريڊنگ اسٽمپ) **n.** a stamp given by the retailer to a purchaser of goods which, when a specified number have been collected, may be exchange without payment for articles provided by the trading stamp firm. واپاري ادارن طرفان واپار کي وڌائڻ ۽ خريدارن کي پاڻ ڏانهن ايندو رکڻ لاءِ اهڙو نظام جن ۾ هنن کي بچت جو آسرو هجي ۽ ان لاءِ انهن کي رسيد يا ٽڪلي ڏني وڃي جيڪي گڏ ڪري هو وڏيڪ شين تي رعايت حاصل ڪن.

trading station (ٽريڊنگ اسٽيشن) **n.** a place established or visited for trade.واپاري علائقو، واپاري مرڪز، هنري مرڪز، پڌي واپار جو مرڪز.

tradition (ٽريڊيشن) **n.** the oral, passing from generation to generation of tales, beliefs, practices; a tale, belief or practice thus handed down; a collection of these belonging to a specific family, people, country; a long-established belief or custom; anything bound up with or continuing in the life of a family or community; religious teaching, doctrine or laws based on early oral tradition; in Christianity, the teaching of Christ and the Apostles not found in Scripture, in Judaism, the laws believed to have been given to Moses by God, and in Islam the words and deeds of Muhammad; the continuous development of principles of a body of literature, music; a handing over..روايت، رسم، رواج، لوڪ ڪٿا، ڏند ڪٿا، اتهاس، حديث، سنت، سمپردايہ، پرمپرايہ، پراڪت ڪٿا، وڃاتَ، اڻ لکيل ڪلام، نسل درنسل هلندڙ زباني قصا ۽ آکاڻيون، لوڪ قصا، لوڪ ڪهاڻيون.

ڪنهن قوم، ذات يا ملڪ جون ڏند ڪٿائون، پراڻو رواج، هلندي چلندي، مذهبي اصول يا طريقا، روايتن تي مبني قاعدا ۽ قانون، مختلف ادبي روايتون، فنون لطيفه متعلق قصا ڪهاڻيون، سيني به سيني هلندڙ ڳالهيون، سينا گزيٽ، ورثي ۾ مليل، رواج طور عمل پذير.

traditional (ٽريڊيشنل) **adj.** relating to, based on, or obtained by tradition; (of jazz) in the style of the early 20th c.روايتي، وڏن جو چيل، رسمي رواجي، سماجي، ويهين صديءَ جي تيز موسيقي.

traditional option (ٽريڊيشنل آپشن) **n.** an option which, once purchased, cannot be exchanged.خريداريءَ جو اصول جنهن مطابق خريد ڪيل شيءِ واپس نه ٿي سگهي، واپار جو عام رواجي اصول.

traditionalism (ٽريڊيشنلزم) **n.** respect, excessive, for tradition, esp in religion; a philosophical system referring all religious knowledge to divine revelation and tradition.رسمن ۽ رواجن جي انڌي پيرويءَ جو اصول، فلسفي جو سرشتو جنهن جو بنياد مذهبن جي الهامي ۽ روايتي هجڻ جي اصول تي ٻڌل آهي.

traditor (ٽريڊيٽر) **n.** a traitor, betrayer; a person who under persecution gave up sacred books or objects or the names of his or her coreligionists.غدار، بي‌ايمان، نمڪ حرام ويساهه گهاتي، راڄ ڊوهي، يار مار، دغاباز، ديس گهاتي، مڪار، اهو ماڻهو جنهن (زوري زبردستيءَ يا موچڙا ماريءَ ڪري) پنهنجن جا راز ڏارين جي حوالي ڪيا هجن.

traduce (ٽريڊيوس) **vt.** to calumniate, to malign; to defame; to translate; to propagate or transmit.ڊوهه لائڻ، بدنام ڪرڻ، گلا ڪرڻ، تهمت لڳائڻ، ننديا ڪرڻ، خوار ڪرڻ، ڪوڙو الزام هڻڻ، ڪلنڪ لڳائڻ، ترجمو ڪرڻ، مشهور ڪرڻ، ٻين تائين پهچائڻ.

traducian (ٽريڊيوشن) **n.** a person who believes that children receive soul as well as or concomitantly with their body from their parents through natural generation.اهڙو ماڻهو جنهنجو اهو ايمان هجي ته انسان کي طبيعت ۽ روح ماءُ پيءُ جي معرفت مليو آهي.

traffic (ٽرئفڪ) **n, vt.** vehicles, pedestrians, using a thoroughfare; similar movement to sea or in the air; the transportation of goods and people on a railway, air or sea route; commerce; the goods or people transported along a route; dishonest or illegal trading; commerce, trade; dealings or communication between groups or individuals; a passing to and fro; the volume of messages transmitted through a communications system; a trading voyage; commodities; to trade; to intrigue; to trade in or barter; to use, pass to and fro on a highway. گاڏيون، موٽرون، پيدل هلندڙ ماڻهو، مسافر، رستو استعمال ڪندڙ آمدرفت، اچ وڃ، واپاري آمدرفت، بحري جهازن جي آمدرفت، سامان جي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ترسيل، ڏنو، مسافرن جو اچڻ وڃڻ، وٺ ڏيو، بدليتيءَ وارو واپار، ڏي وٺ، اچڻ وڃڻ، تعلق، لاڳاپو، مواصلاتي نظام رستي موڪليل نياپن جو تعداد، واپار ڪرڻ، واپاري شيون يا مال، ڏي وٺ ڪرڻ، شين جي متاستا ڪرڻ، رستي تي هلڻ، گهمڻ ڦرڻ، ڪو ذليل ڪم ڪرڻ، ڪو معاوضو وٺي برو ڪم ڪرڻ.

traffic-calming (ٽرئفڪ ڪامنگ) **n.** control of vehicular traffic in built-up residential, areas by the use of various devices designed to reduce speed and volume, eg sleeping policemen, ramps etc.آمدرفت ۾ اهڙيون رڪاوٽون جو انهن جي هلڻ ڪري رهائشي علائقي ۾ انهن جو شور گهٽائي سگهجي، رستن ۾ رنڊڪون ٺاهڻ.

traffic circle (ٽرئفڪ سرڪل) **n.** a road intersection where traffic circulates in one direction only, a round about.چوراهو، چوواٽو اهڙو هنڌ جتان آمدرفت جو صرف هڪ طرفو نظام رائج هجي.

traffic cop (ٽرئفڪ ڪاپ) **n.** a policeman supervising road traffic. آمدرفت جي سنڀال ڪندڙ سپاهي.

traffic island (ٽرئفڪ آئلنڊ) **n.** a raised section in the centre of a road to separate lanes, guide traffic etc.رستي کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ لاءِ وچ ۾ ٺاهيل بند، دڪي يا ٿلهو.

traffic jam (ٽرئفڪ جام) **n.** congestion and resultant stoppage, of traffic at a busy junction.گاڏين جي گهڻائيءَ يا رستن جي سوڙهائيءَ ڪري آمدرفت ۾ خلل يا رختو پوڻ.

traffic-lights or **-signals** (ٽرئفڪ لائيٽس سگنلس) **n.** coloured lights to regulate street traffic, esp at intersections. گاڏين جي آمدرفت ۾ سهوليتون پيدا ڪندڙ بتيون.

traffic-manager (ٽرئفڪ مئنيجر) **n.** the manager of the traffic on a railway etc.ريلوي جو هلائڻ واري نظام جو نگران، ريلوي جي مسافرن ۽ مال جي آمدرفت جو نگران عملدار.

traffic pattern (ٽرئفڪ پيٽرن) **n.** the disposition of aircraft in the skies around the airport.هوائي جهازن کي هوائي اڏن تي لهڻ ۽ اڏامڻ لاءِ ڪيل بندوبست.

traffic returns (ٽرئفڪ رٽرنس) **n.** statistics of passengers and goods carried by a transportation service and money received in return.آمدرفت بابت مختلف قسمن جي معلومات، گاڏين جو تعداد، مسافرن جو انگ، سامان جو وزن ۽ ڀاڙي ۾ حاصل ڪيل رقم جو وچور.

traffic warden (ٽرئفڪ وارڊن) **n.** an official controlling road traffic, esp the parking of vehicles.رستي تي آمدرفت کي هلائيندڙ عملدار، گاڏين کي صحيح بيهاريندڙ نگران.

tragacanth (ٽريگاڪئنٿ) **n.** a gum used in pharmacy and as a vehicle for dye in calico-printing; ob-

tained from several spiny shrubs of the genus; the plant yielding it.ڪنڊائين ٻوٽي، ڪٿوڙ، ڪٽيلو ٻوٽو، ٻڪري ڪنڊو (ٻوٽو)، صنعتي استعمال وارو ڪٿوڙ ڏيندڙ ٻوٽن جون جنسون.

tragedian (ٽرئجيڊين) **n.** a writer or an actor of tragedy..غمناڪ يا ڏکدائڪ ڊرامو يا ان جو ڪردار ادا ڪندڙ اداڪار. صداڪار.

tragedienne (ٽرئجيڊائين) **n.** an actress of tragic roles.غمناڪ يا ڏکدائڪ ڪردار ادا ڪرڻ واري اداڪارا يا صداڪارا.

tragedy (ٽريجڊي) **n.** a fatal and mournful event; a type of drama dealing with tragic events and often involving the fall of an honourable, worthy and important protagonist, often with elevated action and language; a play of this type; the art of such drama; any piece of literature, music, ending with disaster for the protagonist; a disaster, any sad story or turn of events; any event involving death or killing..مصيبت، ڏکدائڪ حادثو، اتفاق، ڏک ناڪ، ڏرگهٽنا. غمناڪ واردات، غمناڪ واقعو، خوفناڪ واقعو، ڏکدائڪ واقعو، اهڙو ناٽڪ ڊرامو جنهن جي پڄاڻي دردناڪ هجي، درد سان ڀريل، موت آور ڪهاڻي، ڏک وارو واقعو يا ڪهاڻي، اهڙو قصو يا ڪهاڻي جنهن جي پڄاڻي انسان کي غمگين ڪري ڇڏي.

tragelaph (ٽرئيگيليف- ٽرئجليف) **n.** a fabulous animal, part goat, part stag; any African antelope of the genus Tragelaphus.ديو مالائي جانور جيڪو اڌ ٻڪر ۽ اڌ هرڻ هو، هرڻ جي وڏي جنس وارو جانور، آفريڪي هرڻ يا روجهه.

tragic (ٽرئجڪ) **adj.** extremely sad or distressing, disastrous; murderous; calamitous; relating to or of the nature of tragedy..افسوس ناڪ، درد ناڪ، غمناڪ ڏکدائڪ، ڏکويل، مصيبت ماريل، ڏک ڀريو، درگهٽنا جو، قَهر جو، ڀيانڪ، ڏک ڀريو ناٽڪ.

tragic irony (ٽرئجڪ آئرني) **n.** a form of irony, in Greek tragedy, in which the tragic, prophetic meaning of the words is known to the audience but not the character speaking.اِهڙي هجوَ يا طنز جنهن جو اندازو صرف ڏسندڙ ڪري سگهن (نه ڪو اداڪار)، اثر رکندڙ ٺٺولبازي.

tragicomedy (ٽرئجيڪاميڊي) **n.** a play or story in which grave and comic scenes or themes are blended; a comedy that threatens to be a tragedy; such plays as a genre; any event having both tragic and comic elements.ڏک ۽ خوشيءَ تي مبني ناٽڪ يا ڊرامو، اِهڙو کيل جنهن ۾ خوشيءَ سان گڏ غم به شامل هجي، اهڙو واقعو جنهن مان ڏک به ٿئي ته خوشي به.

tragopan (ٽرگوپن) **n.** a brilliantly coloured Asiatic pheasant with horny process on the billهماليا جهنگلن جو سهڻو تتر، ٽريگوپان تتر، صنوبري ڪڪڙ.

tragus (ٽريگس) **n.** a small fleshy prominence at the entrance of the external ear; any of the hairs growing in the outer ear, esp from this part.ڪن جو ٽڪنڊو اڀار، ڪن جي ٻاهرين حصي جا وار، ڪن ۾ ٿيندڙ وار.

trahison (ٽريئيشن) **n** treason; treachery (Fr)..بغاوت، غداري، دوهه، بيوفائي، خيانت، راڄ دوهه، ويساهه گهاتي، نمڪ حرامي، يارگهاتي، بي ايماني، حرام پائي، ٺڳي.

trahison des cleres (ٽريئيشن ڊيڪلر) **n.** the treason by intellectuals, the entry of academics into politics..ذهين ماڻهن جي بغاوت، معاشري جي فعال ماڻهن جي مخالفت، تعليمي ماهرن جو سياست ۾ شامل ٿيڻ، علم جو سياستدانن جي ور چڙهڻ.

traik (ٽريڪ) **vi, n.** to make one's way wearily or with effort; to stray; to get lost; to gad; to decline in health; a loss, esp of sheep; the mutton of sheep that have died of disease or accidentمحنت يا تڪليف سان رستو پائڻ، ڀٽڪڻ، رلڻ، رستو وڃائڻ، وڃائجي وڃڻ، بيمار ٿيڻ، صحت خراب ٿيڻ، نقصان ڪڻڻ، (رڍن جو) گهٽ ٿيڻ، وزن گهٽائڻ، تندرستيءَ ۾ گهٽجڻ.

trail (ٽريل) **vt, vi, n.** to draw along behind or near the surface; to drag wearily; to drag along; to lag behind; to track, follow or hunt; to make a path or track through; to advertise a forthcoming programme by trailer; to carry a weapon with the butt near the ground, or horizontally; to lead on; to quiz, to cover with a trailing ornament; to be drawn out in length; (of a garment) to hang, float or drag loosely behind; (of a plant) to sprawl over the ground or a support; to straggle or lag; to drag oneself along; to tail off; to move with slow sweeping motion or with dragging drapery; to be losing in a game or competition; a track or series of marks left by a person or animal moving over a surface; a track or scent, of hunted..ليڪو، ليڪ، گيهو، گهِل، گيسو، پيرو، ڊگهي ليڪ، پَڇ، ڏڀ، ٻوهه، ٻانس ، گهلڻ، پٽڻ، رستو، نشان، ڏگ، ڇڪڻ، اڳواڻي ڪرڻ، ڇڪ، ريڙهه، پيڙهه، ريڙهڻ، گهلجڻ، ڏکيائيءَ سان ڇڪڻ يا گهلڻ، پوئتي رهجي وڃڻ، پير کڻڻ، پنيان پوڻ، پٺ نه ڇڏڻ، ڳولي لهڻ، لڪرن يا ٽولن وسيلي ايندڙ فلم جي مشهوري ڪرڻ، (ٻاسي ۾) هٿيار ڪٺي هلڻ، ڪِجهارت ڏيڻ، اهڙو پٽو يا ٻيو ڪو نشان لڳائڻ جو پوءِ ان جي چرپر بابت معلومات ملندي رهي، (پوشاڪ) پويان لڙڪندڙ، زمين کي لڳندي هلندڙ شيءِ يا عضوو، راند ۾ هارائڻ، پوئتي پوڻ، پنيان رهجي وڃڻ، پيرن جا نشان.

بوء. (شڪار جي) ڏپ. گيندائڻ. ڏپائڻ. ڏيڄڻ. گهليو وڃڻ گيندائجڻ. ڙندو وڃڻ. لڙڻ ڪڙڻ.

trail bike (ٽريل بائيڪ) **n.** a motorcycle suitable for riding over rough ground and tracks..موٽر سائيڪل. ڏکين رستن تي هلڻ واري خاص قسم جي موٽر سائيڪل.

trail-blazer (ٽريل بليزر) **n.** a pioneer; a person or thing that leads the way in anything..اڳواڻ. رهبر. بانيڪار. آرنيڪ. پايو رکندڙ. جنگي بيلدار. سونهون.

trailer (ٽريلر) **n.** one who trails; a tracker; a creeping plant, a two-wheeled conveyance, towed or dragged by a car, bicycle or tractor; the rear section of an articulate lorry; a house on wheels, a caravan; a short film advertising a forthcoming entertainment on television or in the cinema; the blank piece of film at the end of a reel; to advertise a programme by trailer.ڪهلجي هلندڙ گاڏو (ٻيءِ گاڏي پٺيان). هڪ گاڏيءِ پٺيان لڳل الڳ گاڏو. ٽرڪٽر سان ٻڌل گاڏي. فلم جا مختلف ٽڪرا ڏيکارڻ. ٽريلر ڏيکارڻ. فلم جي ريل جي آخر ۾ ڇڏيل خالي حصو. گهمندڙ ڦرندڙ اشتهار ڏيکارڻ.

trailing edge (ٽريلنگ ايج) **n.** the rear edge of a wing, aerofoil or propeller; the falling portion of a pulse signal.(هوائي جهاز جي) پر يا ڪنڀ جو آخري ڇيڙو. پڇڙي. هلڪي ٺينڊڙ لبض.

trailing vortex (ٽريلنگ وورٽيڪس) **n.** the vortex passing from the tips of the main surfaces of an aircraft and extending down-stream and behind it.(هوائي جهاز تي) اڏام دوران هوا جي داٻ ۽ ان جي گول ڦرڻ جو اثر.

trail mix (ٽريل مڪس) **n.** a mixture of pieces of dried fruit, eg bananas, dates, pineapple, apricots, nuts and seeds eaten as a snack, orig by hikers.مسافريءِ دوران استعمال لائق ڪاڏا. خشڪ ميوو. خشڪ ڪيل مختلف شيون. مسافريءَ جو چوڳو.

trailing wheel (ٽريلن ويل) **n.** a wheel not given direct motive power. اڻ سڌيءِ قوت رستي هلندڙ ڦيٿو. پويون ڦيٿون.

train (ٽرين) **vt, vi, n.** to draw; to entice; to rear; to instruct and discipline, in a particular skill; to cause a plant to growing the desired manner; to prepare for a specific purpose (esp a competition) by instruction, practice, diet, exercise or otherwise; to bring up; to direct, aim as a gun or telescope; to draw long; to allure; to draw on; to undergo instruction; to prepare oneself; to be under drill; to travel by rail; to rail, drag; a string of railway carriages or wagons with a locomotive or other means of propulsion; that which is dragged along or follows behind; a tail; tail-feathers or trailing back-feathers; the part of a dress that trails; a retinue; a series; a sequence; a number of things, animals, in a string or succession; a process; a line of combustible material to fire an explosive charge; a lure; a sledge..سيکارڻ. تربيت ڏيڻ. پاڙهي پڪو ڪرڻ. تعليم ڏيڻ. ساڌڻ. سکڻ. ترغيب ڏيڻ. برغلائڻ. سڌارڻ. ٻوٽن جي ضرورت مطابق واڌ حاصل ڪرڻ. ٻيهڪ ٻيهارڻ. خاص مقصد لاءِ تيار ڪرڻ. ڪيڙڻ. (مقابلي لاءِ) تيار ڪرڻ. تدڪرو ڪرڻ. ذڪر ڪرڻ. ڇڪڻ. بندوق کي دوربينيءِ وانگر سڌو ڪرڻ. جوهه وجهڻ. (توپ) سَڃڻ. ڇڪي هلڻ. لالچائڻ. ڏتارڻ. ريبڻ. ڏاڙائڻ. موهڻ. ريجهائڻ. دلبو ڏيڻ. پرمائڻ. ناهي نڪي ٻيهارڻ. قاعدا سکڻ. سڌڻ. ڪسرت وٺي تيار ڪرڻ. ورزش ڪرڻ. ريل يا جهاز ۾ مسافري ڪرڻ. ريل جي سواري ڪرڻ. ريل گاڏي. پويان ايندڙ. ڇڪيندو هلڻ. پڇ. پڇڙ. عملو. ڌنبلو. سواري. جٿو. ٻهرير. قطار. ريل گاڏين جو سلسلو. سلڪ. (اٺن جو) ساڳو. فتيل. وٽ. پٽ. پڇاڙي. دٺل بردار. دامن بردار. شين جو لاڳيتو وهنوار.

train-bearer (ٽرين بيئر) **n.** one who holds up the train of a robe or gown.ڪنهن پويان لڙڪندڙ پوشاڪ کي جهلي يا ڪٽي هلندڙ ماڻهو. دامن بردار. دٺل بردار.

trainee (ٽريني) **n.** one who is under training..تربيت هيٺ. سيکڙاٽ. سکيا وٺندڙ. زير تربيت. زير تعليم.

trainer (ٽرينر) **n.** one who prepares athletes for competition, horses for a race, or the like; any machine or device used in training with duplicated controls; a soft running shoe, laced with a thick sole, used in training or for general casual wear. سيکاريندڙ. سيکارڻ وارو. هيرائيندڙ. تربيت ڏيندڙ. ڪيڙيندڙ. استاد. معلم. سکيا ڏيندڙ. تربيت ڪار. ڊوڙڻ لاءِ نرم ۽ ٿلهي تري وارو بوٽ.

train ferry (ٽرين فيري) **n.** a ferry that conveys railway trains. ريل کي بندر ٽپائڻ واري ٻيڙي يا بحري جهاز.

training (ٽريننگ) **n.** the process of instructing in a skill; practical education in any profession, art or handicraft; a course of diet and exercise for developing physical strength, endurance or dexterity..تربيت. تعليم. رياضت. مشق. سکيا. ساڌڻ. سيکارڻ. سکڻ. ورزش يا ڪسرت واري سکيا حاصل ڪرڻ.

training college (ٽريننگ ڪاليج) **n.** former name for a college of education; a college for teacher training.سکيا ڏيندڙ ڪاليج. تربيتي ادارو. استادن کي تربيت ڏيندڙ تربيتي مرڪز. سکيا مرڪز.

training-ship (ٽريننگ شپ) **n.** a ship in which young people are trained for the sea.تربيتي بحري جهاز. سکيا

جهاز، تربيت ڏيڻ لاءِ بحري جهاز.

train mile (ٽرين مائيل) **n.** a unit of railway traffic, a run of one mile by one train.ريلوي جي رسد يا آمدرفت جو. هڪ ميل.

train-oil (ٽرين آئل) **n.** oil obtained from the blubber of a whale (esp of a right whale).وهيل مڇيءَ جي جگر يا. جيري مان حاصل ڪيل سٿپ.

train-shed (ٽرين شيڊ) **n.** a roof supported by posts to shelter railway platforms, an arched iron and glass construction of impressive dimensions.ريل جي پليٽ فارم تي ڇلهن تي بيٺل اڏاوت، ڇپرو، شيشو لڳل محرابي اڏاوت.

trainsick (ٽرين سڪ) affected with nausea by the motion of a train..گاڏيءَ ۾ مسافري ڪرڻ ڪري الٽي ۽ بي فرحتي.

train-spotter (ٽرين اسپاٽر) **n.** a person who collects locomotive or carriage numbers as a hobby.ريلن جي انجڻن جا نمبر ميڙيندڙ ماڻهو.

traipse or **trapes** (ٽريپس) **vi, n.** to trail; to trudge; to gad; to go in a slatternly way; a trudge; a slattern..پيرو ڪشڻ، پشيمان وڃڻ، گذيو وڃڻ، لڳو رهڻ، ٽرندو هلڻ، گيسڙندو هلڻ، گهندو وڃڻ، رُلڻ پِنڪڻ، لور، هلئي.

trait (ٽريٽ) **n.** a characteristic or distinguishing feature; a stroke, touch..خاصيت، لڇڻ، ارڪان، آرڪڻ، وصف. نشان، الياڙ، ارڪان، قلم جو اشارو، خاص صنعت ، اولاد، نسل، پيڙهي، پڙلير.

traitor (ٽريٽر) **n.** a betrayer; a person who commits treason.غدار، دغاباز، نمڪ حرام، بي ايمان، لُڳ، ويساهه. گهاتي، يار مار، دوهه ڪندڙ، راڄ دوهو، ديس گهاتي، مڪار، باغي.

traitorous (ٽريٽرس) **n.** guilty of treason; treacherous treasonable..راڄ دوهو، دغاباز، نمڪ حرام، راڄ دوهيءَ جو. غدار، ملڪ دشمن، بي وفا، باغي، ملڪ يا وطن جو دشمن.

traject (ٽراجيڪٽ) **vt, n.** to take across; to transmit or transport; a crossing; a ferry; a transference, transmission.آر پار موڪلڻ، ٻئي پاسي پهچائڻ، رستو، لنگهه، چوراهو، ٻيڙي، موڪلڻ، هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچائڻ، بدلي، انتقال، تبديلي، تبديل.

trajection (ٽراجيڪشن) **n.** a crossing; a transmission; a transposition; a passage..چوراهو، چوواٽو، چؤڏڳي، لنگهه، گهيڙ، انتقال، ادل بدل، تحريف، هنڌ مٽائڻ، تقليب، رستو، پيچرو.

trajectory (ٽراجيڪٽري) **n.** the path prescribed by a body under the action of given forces, esp the curved path of a projectile; a curve that cuts a system of curves or surfaces at a constant angle.وکشيپ مارگ، موجود اثر هيٺ ڪنهن قوت جو هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچڻ، ڪنداٽو لنگهه يا پيچرو، ڪنداٽي ليڪ.

tralaticious or **tralatitious** (ٽريليٽشس) **adj.** transmitted; traditional; handed on, second-hand.ڏياري موڪليل، نفوذي، ڦهلاءُ دار، پکڙيل، روانو ڪيل، روايتي، استعمال ڪيل، ملندار، ڏنل، اڳ استعمال ڪيل (ٻئي طرفان).

tram[1] (ٽرَم) **n.** an electrically-powered public vehicle running on rails in the road; a truck used in mines; a tramway; a shaft of a barrow or cart.ٽرام، بجليءَ تي هلندڙ انجڻ ۽ گاڏو، کاڻين ۾ استعمال واري گاڏي، ٽرام جو شافٽ.

tram[2] (ٽرَم) **n.** silk yarn for weft, of two or more strands.پيٽي ۾ استعمال ڪرڻ وارو ريشم، هڪ کان وڌيڪ ڌاڳن واري تند.

tram[3] (ٽرَم) **n, vt.** a device for adjusting or aligning a piece of machinery; to adjust or align using a tram.مستريءَ کي بيهڪ ڏيندڙ اوزار، بيهڪ بيهارڻ، ٽرام جو زور ڏئي سڌو ڪرڻ.

tramline (ٽرام لائين) **n.** the track on which a tram runs; the lines marking the sides of a tennis or badminton court and the lines parallel to them inside the court; a rigid set of principlesٽرام جا پٽا، ٽينس يا بيڊ منٽن راند جا پاسن وارا پٽا، پڪيءَ بيهڪ وارا اصول، سخت اصول، پڪا اصول.

tramlined (ٽرَم لائينڊ) **adj.** running or as if running. in tramlines, very straight, rigid and inflexible.پٽن تي هلندڙ، سڌو، پختو، پڪو، اڻ چرندڙ.

trammel (ٽرمل) **n, vt.** a net for birds or fishes; anything that confines or hinders; shackles for making a horse amble; an instrument for describing and ellipse consisting of a metal or wooden beam with two adjustable pegs; a series of adjustable rings or hooks suspended from a crossbeam in the chimney, for hanging kettles, cooking pots, above a fireplace; a tress; to shackle; to confine; to impede or hinder; to entangle..ڪُنڊو، ڏانوڻ، اٽڪيل، ڄار، روڪ، رنڊڪ، بندش، بندڻ، رنڊڪ وجهڻ، روڪڻ، پابندي، رلڻ، ڦندو، ڦاهو، آنڪڙو، بيضي ڪش اوزار، مچين ڦاسائڻ جو ڄار، ڪنڍڙو، چلو، چوٽي، وار، ڪاڪل، (وارن جي) چڳ، گهنڊي، بند وجهڻ، بند ڪرڻ، رنڊائڻ، ڦاسائڻ.

tramontane (ٽرمونٽين) **adj, n.** beyond the mountains (esp the Alps from Rome); foreign; uncivilized; an inhabitant of a region beyond the mountains; a foreigner; a barbarian.جبلن جي پريان، (الپس جبل جي) ٻئي پاسي وارا ملڪ يا آبادي، ٻاهريان، ڌاريا، اڻ سڌريل، جٽ، جابلو علائقي جو رهندڙ، جهنگلي، وحشي.

tramp (ٽرمپ) **vi, vt, n, adv.** to tread, esp heavily or

noisily under foot; to walk on foot; to go on a walking tour or long walk; to hike in the bush; to live as a vagrant; to go in a tramp steamer; to traverse on foot; the sound of heavy footstep or horses hooves; a vagrant; a cargo-boat with no fixed route; a prostitute, an immoral woman; a plate of iron worn on the sole for pressing a spade or for giving a foothold on ice; the footrest of a spade; with tramping noise.. ٻُکهڻ، کهڻ، هلڻ، پنڌ وڃڻ، چڪاسڻ، مارڻ، پٿڻ، سٽون ڏيڻ، رولاڪ تي هلڻ، آوارو ٿيڻ، پنڌ، پيادل مسافري، ٽاپ ٽاپ، رولو، رولاڪ، مسافري، ٽپ ٽپ ڪري هلڻ، لتاڙڻ، ٻوٽن ۾ لڪي وهڻ، رولاڪ ٽي وقت گذارڻ، آگ ٻوٽ ۾ مسافري ڪرڻ، پيرن جي ڇاپ، گهوڙي جي سنبن جو آواز، رولا ڪڙ، مقرر رستي تي سامان کڻي ايندڙ ويندڙ ٻيڙي، رنڊي، ڇڪلاڪڻ، وڪشر، ٻوٽ جي ترين ۾ لڳل لوهي پٽي، ڪوڏر جي هيٺئين حصي ۾ ٻيهڻ لاءِ جهل، ٽپ ٽپ يا ٽپ ٽپ ڪرڻ.

trampet or trampette (ٽرئمپيٽ) **n.** a small trampoline used for springing off, in gymnastic vaulting. ورزشي يا ڪسرتي ٽپن ڏيڻ لاءِ استعمال ۾ ايندڙ اسپرنگ واري بيهڪ.

trample (ٽرئمپل) **vt, vi, n.** to tread on heavily or roughly under foot; to treat with pride, to insult; to tread roughly or in contempt; to tread forcibly and rapidly; the sound or an act of trampling.. لتاڙڻ، ڪچلڻ، پير ڏيڻ، لتوڙڻ، جهاڳوڙڻ، (ڪنهنجو) ترادڙ ڪرڻ، (دل) ڏکوئڻ، لتوڙ، لتڙ، لتاڙ، ڪٻڻ، حقارت مان لت هڻڻ.

trampoline (ٽرئمپولن يا لين) **n, vi.** a framework supporting a piece of canvas, stretched and attached by springs, for acrobats, gymnasts, diving learners, to jump, somersault on; to jump, turn somersaults, on a trampoline. اسپرنگن لڳل بيهڪ، اسپرنگن تي ڇڪي بيهاريل ٿلهو ڪپڙو، ٽپ ڏيڻ لاءِ لرمرءِ ڇڪيل بيهڪ، ورزش لاءِ مددگاري بيهڪ، هوا ۾ ٽپو ڏيڻ، ڇال مارڻ.

tram stop (اسٽاپ) **n.** a stopping-place for tram-cars. ٽرام ڪار جي بيهڻ جي جڳهه.

tramway (ٽرام وي) **n.** a track or system of tracks with sunken rails along a road; a tramcar system; a tramroad system. ٽرام جا پٽا، ٽرام جي هلڻ جو نظام، ٽرام جو رستو.

trance[1] (ٽرانس) **n, vt.** a state of insensibility; ecstasy; catalepsy; a deep sleep like state, profound and prolonged; catalepsy; a state of being apparently unaware of one's surroundings, as claimed by mediums; to throw into a trance; to entrance; to enchant. بي خودي، حال، بيهوشي، سماڌي، مورڇاڳت، آنا سرتي، سڪتو، سماڌي، بيهوشيءَ جي حالت، مورڇا، سماڌيءَ ۾ وڃڻ، بيهوش پيل، بيهوش ڪرڻ، منڊڻ، بي خود ڪرڻ.

trance[2] or transe (ٽرانس) **n.** a through passage. سڌو رستو، ڪليل يا عام استعمال وارو دڳ.

tranche (ٽريش) **n.** a slice; a block, portion, esp of money or of an issue of shares (Fr).. ٽڪر، حصو، پتي، حصي ۾ آيل، ونڊي، ڦانڊي.

tranchet (ٽريشي) **n.** a shoemaker's paring knife; a neolithic or mesolithic flint with a chisel-shaped end.(Fr) بوٽ ٺاهڻ واري جو چاقو، موچيءَ جو اوزار، ڪريءَ جهڙو اوزار.

tranect (ٽرنيڪٽ) **n.** a ferry. ٻيڙي، ٻيڙو، آڳبوٽ.

trangam (ٽرنگم) **n.** a showy, worthless article or knick-knack.. ڀڙڪيلي يا چمڪيلي، بي قيمت يا بي وقعت شيءِ، اجائي ٺاهه ٺوهه واري بيڪار شيءِ.

trangle (ٽرنگل) **n.** a diminutive of the fesse (Fr). ننڍي زرهه دار پوشاڪ.

trankum (ٽرنڪم) **n.** a trinket. معمولي، ننڍو زيور، چلو منڊي، زيور، معمولي سينگار.

trannie or tranny (ٽرني) **n.** a transistor radio. ٽرانسسٽر ريڊيو، هٿ ريڊيو.

tranquil (ٽرنڪول) **adj.** calm; quiet; undisturbed; peaceful. بي حس، قائم، مانو، ٺهريل، آسٽر، ڌير، سانتيڪو، وحرڪت، امن وارو، آنندي، ساڪن.

tranquillity (ٽرنڪلٽي) **n.** peace of mind; state of being tranquil; quietness; calmness; peace. فرحت، راحت، آرام، آسائش، سڪون، ٺهر، ٿانهر، سانت، جميعت، ڌيرج.

tranquilize (ٽرنڪوَ لائز) **vt.** to make or render tranquil, esp by sedation; to quiet; to compose. ڌيرج ڪرائڻ، سانت ڪرائڻ، قرار ڪرائڻ، ٺهرائڻ، ٺارڻ، فسادي ڪيي ڇڏڻ، سڪون ڏيڻ، آرام ڏيڻ، بي حس ٿيڻ.

tranquillizer (ٽرنڪولازر) **n.** that which tranquillizes; a sedative drug.. سڪون ڏيندڙ، ٺاريندڙ، آرام ڏيندڙ (دوا)، نشي آوار، فرحت ڏيندڙ.

trans- (ٽرنز- ٽرانز- ٽرلز- ٽرنس- ٽرانس- ٽرنس) **pfx** signifying; across; beyond; through; (of an isomer) having two identical groups of atoms on opposite sides of a bond; having a higher atomic number. حالت، ٻيءَ هنڌ، پٺي پار، هَن پار، هن پر، گذر، آرپار، بار، ڪان، مان، ۾، پرار، هَن پر، پريان، وڌيڪ جوهري قوت يا الگ وارو.

transact (ٽرنزيڪٽ) **vt, vi.** to carry through; to conduct business, negotiate a deal; to perform; to deal with; to have to do. بجاءِ، هلائڻ، معاملو ڪرڻ، ڪم ڪرڻ، آڻڻ، رسائڻ، نباهڻ، ڪاروبار هلائڻ، سودو ڪرڻ، وڻج واپار ڪرڻ.

transactinide (ٽرئنزيڪٽنائڊ) **adj, n.** of or relating to elements with atomic numbers higher than the actinide series; such an element.(ڪان) وڌيڪ جوهري انگ وارا مادا.

transaction (ٽرئنزيڪشن) **n.** act of transacting; the doing of any business; affair; proceeding; an agreement; a piece of business performed; the reports or publications of certain learned societies..ڪاروبار، بندوبست، انتظام، هاج، ڪم ڪار، وهنوار، معاملو، ڪم، ڪار گذاري، ڏيتي ليتي، سودو، وهنواري معاملن بابت ڇپيل مواد.

transactional analysis (ٽرئنزيڪشنل انالس) **n.** a form of psycho-theory based on the concept of three 'ego-states', child, adult and parent; in any one personality, and aimed at adjusting the balance between the, so as to improve the patient's interpersonal relations.دماغي خلل جي اپاس جو هڪ حصو (جنهن ۾ ٻار، جوان ۽ مائٽ شامل آهن)، سيني حالتن جي هڪ ماڻهوءَ ۾ موجودگيءَ واري حالت، اهڙي بيماريءَ جي علاج جو طريقو.

transalpine (ٽرئنزالپائن، ٽرانزالپائن) **adj, n.** beyond the Alps; crossing the Alps; an inhabitant of a region or country beyond the Alps.آرپار چراگاهي حد، الپس جي آر پار وارو علائقو.

transaminase (ٽرئنزائمينيز) **n.** an enzyme which catalyses amino acids to ketoacids.خميرو يا جوهر جيڪو آمائنو تيزاب کي ٻي اثر ڪري ٿو.

transandine (ٽرئنزئنڊائين) **adj.** beyond or crossing, the Andes. انڊيز جبلن جي ٻرئين ٻر، ٻئي پاسي.

transatlantic (ٽرئنزآٽلنٽڪ) **adj.** beyond, crossing, from or belonging to the other side of the Atlantic Ocean; crossing the Atlantic..بحر اوقيانوس جي ٻئي طرف، پار، آر پار، بحر اوقيانوس.

transaxle (ٽرئنز آڪسل) **n.** (in a motor vehicle) a driving axle and differential gearbox forming an integral unit.(موٽرڪار جي) مکيه ڌري ۽ گيئر باڪس جو گڏيل حصو جيڪو گاڏيءَ کي هلائڻ جوڪم ڪري ٿو.

transcalent (ٽرئنزڪلينٽ) **adj.** previous to or allowing the passage of heat. گرمي پسرائيندڙ، گرميءَ کي اڳتي موڪليندڙ.

transcaucasian (ٽرئنز ڪاڪيزن) **adj.** across or beyond the Caucasus mountains in Georgia, Armenia and Azerbaijan; of or relating to the region or the people of Transcaucasia, south of the Caucasus mountains.ڪاڪس جبلن جي ٻئي طرف، جارجيا، آذربائيجان سان لاڳيتي جابلو سلسلي جي ٻئي ٻر، انهيءَ علائقي جا ماڻهو ۽ آتان جو جابلو علائقو.

transceiver (ٽرئنسيور) **n.** a piece of radio equipment (eg a walkie-talkie) whose circuitry permits both transmission and reception.(ريڊيو جو) ٻنو مواصلاتي سرشتو (جنهن ۾ نشريات حاصل ڪرڻ ۽ موڪلڻ شامل آهن).

transcend (ٽرئنسينڊ) **vt.** to pass or lie beyond the range or limit of human understanding; to rise above; to outgo; to excel; to surmount; to surpass; the exceed..(عقل، سياءَ جي) پهچ کان ٻاهر، (سمجهه کان) مٿي، چڙهڻ، گوءِ کڻڻ، بلند ٿيڻ، فوقيت وٺي وڃڻ، اڳتي نڪري وڃڻ، بهتر ٿي وڃڻ.

transcendent (ٽرئنسينڊنٽ) **adj.** transcending human experience; supreme in excellence; surpassing others; as applicable to being, relating to the absolute, transcending all limitation; as applicable to knowledge, relating to what transcends experience, being given a priority; beyond human knowledge or consciousness; abstrusely speculative, fantastic..مها آتم، آستيت، سروَ اتيت، بعيد الفهم، سرس، مُفرط، افضل، چڙهندڙ، تمام اوچو، تمام اُتم، نهايت عمدو، اعليٰ، فائق، خيالي، ذهني اختراع، حد کان ٻاهر.

transcendental (ٽرئنسينڊنٽل) **adj, n.** transcending; going beyond usual human knowledge or experience; abstrusely speculative; supereminent, excelling, surpassing others; concerned with what is independent of experience; supernatural or mystical vague; (of a function) not capable of being produced or expressed algebraically; a transcendental number. افضل، عمده ترين، بهترين، تمام سٺو، اتم، آتيت آتمڪ، ڄاڻ ۽ تجربي کان ٻاهر، اڳ ۾ ڏٺل ۾ واٺل، غير تجرباتي، قدرتي، السالي قوت کان ٻاهر، حسابن رستي ۾ ٻيهارڻ جهڙو، ۾ ثابت ڪرڻ جهڙو.

transcendentalism (ٽرئنسينڊ نٽلزم) **n.** the investigation of what is a priori in human knowledge, or independent of experience; that which is vague and illusive in philosophy; the state of being transcendental; transcendental language; the American reaction against Puritan prejudices, humdrum orthodoxy, old-fashioned metaphysics, materialistic philistinism, and materialism.آتيت وار، آتيت درشن، اڻ ڄاڻ يا ۾ معلوم شين جي جاچ جوچ ڪرڻ، سمجهه ۾ ۾ ايندڙ حالتن جي کوجنا ڪرڻ، هوائي، خيالي، ۾ سمجهه ۾ ايندڙ ٻولي، مختلف مذهبي خيالن وارو.

transcendental function (ٽرئنسينڊنٽل فنڪشن) **n.** any

function which cannot be defined by a finite number of algebraic operations.اهڙو عمل جيڪو الجبرا جي مقرر ڪيل اصولن مطابق سمجهائي نہ سگهجي.

transcendental meditation (ٽرئنسينڊنٽل ميڊيٽيشن) **n.** a system of meditation designed to promote spiritual well being and a relaxed state of consciousness through silent repetition of a mantra.سوچ يا ڄاڻ جو اهڙو عمل جنهن رستي روحاني ۽ جسماني قوت ٻئي گڏيل حاصل ڪري سگهجن. عبادت جنهن سان روحاني سڪون ملي ۽ صحت بحال رهي.

transcendental number (ٽرئنسينڊنٽل نمبر) **n.** a number that is not a root of any algebraic equation with integral coefficients.اهڙو انگ جيڪو الجبرا جي ڪنهن بہ اصول تي پورو نہ لهي.

transcontinental (ٽرئنز ڪانٽينينٽل) **adj.** extending or passing across or belonging to the farther side of a continent.براعظمي گذر. ڪنهن کنڊ يا براعظم جي آخري ڇيڙي تي هجڻ.

transcribe (ٽرئنسڪرائب) **vt.** to write over from one book into another; to copy; to write out notes in full; to transliterate; to arrange a composition for an instrument, voice or combination other than that for which it was composed; to record for future broadcasting or the like; to broadcast a transcription of; to transfer from one type of storage system to another (comput); to make a phonetic or phonemic transcription of speech or sound; to cause to undergo transcription..اتارڻ، لاهڻ، نقل ڪرڻ. هڪ ڪتاب مان ڪنهن ٻئي ۾ وجهڻ. مڪمل طور اتارڻ. ترجمو ڪرڻ. هڪ ٻوليءَ کان ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ لکڻ. موسيقي ناهڻ. سازن مطابق ڌن تيار ڪرڻ ۽ ان لاءِ آواز يا سُر ٺهڪائڻ. اڳيندي جي نشريات لاءِ مواد تيار ڪرڻ. ترجمو ڪري نشر ڪرڻ. ٻي ٻوليءَ مان ولي پيش ڪرڻ. ڪمپيوٽر جو نظام هڪ مان ڪنهن ٻئي ۾ داخل ڪرڻ. تقرير يا تحرير کي رڪارڊ ڪرڻ.

transcript (ٽرئنسڪرپٽ) **n.** a written or printed copy, esp a legal or official copy of proceedings, testimony; a copy or transcription; a length of RNA transcribed from a DNA template or a DNA transcribed from a RNA template; an official copy of a school pupil's educational report..نقل ڪيل نسخو. اتاريل مضمون، اوتارو، باضابطہ نقل، ڇپيل مواد، ڇپيل قانوني مسودو، ڪارروائي، ڪارگذاري، شاهدي، ورثاتي جيوڙن جو نقل، شاگرد جي تعليمي ڪارگذاريءَ جو تفصيل.

transcriptase (ٽرئنسڪرپٽيز) **n.** the enzyme that brings about transcription. نقل تيار ڪندڙ خامرو.

transcription (ٽرئنسڪرپشن) **n.** the act of transcribing; any transcribed text; the natural process by which a molecule of RNA is synthesized on the model of a DNA template carrying the necessary genetic information.نقل نويسي، نقل ڪرڻ، نقل تيار ڪرڻ، نقل ڪري تيار ڪيل مسودو، ورثاتي جيوڙن جي قدرتي طور واڌ جو عمل ۽ ان جو نقل تيار ڪرڻ.

transcutaneous (ٽرئنسڪيوٽينس) **adj.** passing or entering through the skin..کل اندر داخل ٿيڻ، کل مان لنگهي وڃڻ.

transducer (ٽرئنسڊيوسر) **n.** a device that transfers power from one system to another in the same or in a different form.مبدل قوت، قوت کي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچائڻ وارو.

transduction (ٽرئنسڊڪشن) **n.** transfer, esp transfer of genetic material from one bacterial cell to another by bacteriophage. منتقلي، تبادلو، جنسي مواد منتقلي.

transductor (ٽرئنسڊڪٽر) **n.** an arrangement of windings on a laminated core or cores, part of a device for amplifying current.بجليءَ رستي هلندڙ موٽر جي اندرين تارن جو نظام جن رستي اُها عمل ڪار رهي ٿي.

transect (ٽرئنسيڪٽ) **vt, n.** to cut across transversely; a sample belt of vegetation marked off for study.آرپار وڍ، آرپار وڍڻ، آرپار ڪٽڻ، ساوڪ جي آباديءَ وارو تجربي لاءِ چونڊيل حصو.

transenna (ٽرئنسينا) **n.** a screen enclosing a shrine..پڙ. قبر يان مزار تي پيل ڪپڙو، مقبري تي چاڙهيل چادر.

transept (ٽرئنسيپٽ) **n.** a part of a church at right angles to the nave, or of another building to the main structure; either wing of such a part where it runs right across.آرپار حصو، آرپار بازو، تصليبي ديول جي آڏي ٻانهن يا پاسو.

transfard (ٽرئنس فارڊ) transferred.هڪ هنڌان ٻئي هنڌ موڪليل، بدلي ڪيل، ٻئي هنڌان آيل.

transfection (ٽرئنس فيڪشن) **n.** the introduction of DNA isolated from a cell or virus into another cell. ڊي اين اي جزي کي هڪ هنڌان ڪنهن ٻئي هنڌ پوکڻ.

transfer[1] (ٽرئنسفر، ٽرانسفر) **vt, vi.** to carry or bring over; to make over; to convey from one place, person, ownership, object, group, school, football club, to another; to change over; to convey a design to another surface; to change over from one railway train or station, to another; to move from one school to another.تبادلو. بدلي ڪرڻ. منتقل ڪرڻ. مٽ سٽ ڪرڻ. تبديل ڪرڻ. هڪ هنڌان ٻئي هنڌ موڪلڻ.

هڪ ماڻهوءَ کان ٻئي کي ڏيڻ. انتقال ڪرڻ. مٽ سٽ ڪرڻ. هڪ ريل مان ٻيءَ ۾ وڃڻ. هڪ اسٽيشن تان ٻيءَ تي وڃڻ. هڪ اسڪول ڇڏي ٻئي ۾ داخل ڪرڻ.

transfer[2] (ٽرئنسفر، ٽرانسفر) **n.** the act of transferring; a design to be conveyed from one surface to another; conveyance from one person, place to another; a person who or thing which is transferred or is to be transferred (eg a football player); a transfer-ticket; the passing of property or some other right to another person; any document attesting to this. بدلي، انتقال، منتقليءَ جو عمل، نقل، منتقلي، بدلائڻ، ڦيرائڻ، پروتي، بدلي، بدلي ڪيل ماڻهو يا مٽ سٽ ڪيل شيءِ، اهڙي ريلوي ٽڪيٽ جنهن ۾ ردبدل ٿي سگهي، مٽا سٽا لائق، جائداد نامو، وڪري جو دستاويز.

transferable (ٽرانسفريبل) **adj.** capable of being transferred.قابل منتقلي، تبديل پذير، قابل انتقال، وڪڻڻ جوڳو، بدلائڻ جهڙو، تبادلي جوڳو.

transferable vote (ٽرانسفريبل ووٽ) **n.** a vote which, if the candidate voted for should be out of the running, is to be transferred to another as second or subsequent choice.تبديل پذير ووٽ، اهڙو ووٽ جيڪو هڪ کي نه ملڻ جي صورت ۾ ٻئي يا ٽئين کي ملي سگهي.

transfer book (ٽرانسفر بوڪ) **n.** a register of the transfer of property, shares etc.کاتي جي تبديليءَ جو ڪتاب، ملڪيت جي وڪري جي داخلا جو ڪتاب، حصن جي داخلا جو ڪتاب.

transfer company (ٽرانسفر ڪمپني) **n.** a company conveying passengers or luggage between stations.مختلف هنڌن تي سامان يا مسافر پهچائڻ وارو ادارو يا ڪمپني، ٽرانسپورٽ ڪمپني.

transfer day (ٽرانسفر ڊي) **n.** a day for registering transfer of bank-stock and government funds at the Bank.بئنڪ ۾ سرڪاري ڏيتي ليتيءَ جي حساب جو ڏينهن (بئنڪن جي سرشتي ۾).

transferee (ٽرانسفري) **n.** the person to whom a thing is transferred; a person who is transferred.منتقل ڪيل، جنهن جي نالي يا کاتي ڪا شي بدلي ٿئي، وٺندڙ، خريد ڪندڙ، خريدار، نئون مالڪ.

transference (ٽرانسفرنس) **n.** act of transferring or conveying; passage of anything from place to place; unconscious transferring of one's hopes, desires, fears from one person or object to another. بدلي، تحويل، تبديلي، مٽ سٽ، بدل سدل، انتقال، تبديلي، منتقلي.

transfer fee (ٽرانسفر في) **n.** a fee paid by one club in return for a transferred player.رانديگرن جي بدليءَ جي حالت ۾ ڏنل خرچ پکو.

transfer ink (ٽرانسفر انڪ) **n.** ink used for making designs on a lithographic stone or transfer-paper.نقل تيار ڪرڻ لاءِ ڪم ايندڙ مس.

transfer machine (ٽرانسفر مشين) **n.** a machine in which a work piece or assembly passes automatically through a number of stations, undergoing one or more production processes at each.مختلف شين جي تياري ڪرڻ جو مشيني طريقو جنهن ۾ مختلف هنڌن تان لنگهڻ کانپوءِ هڪ شي مڪمل حالت ۾ تيار ٿي نڪري (جيئن گاڏي، ٽيليويزن، ڪمپيوٽر وغيره).

transfer-paper (ٽرانسفر پيپر) **n.** a specially coated paper used for transferring impressions with copying-presses, etc. نقل تيار ڪرڻ جو خاص ڪاغذ.

transferral (ٽرانسفرل) **n.** an act of transferring.تبديل ڪرڻ، منتقل ڪرڻ، بدلي ڪرڻ جو عمل.

transferrin (ٽرئنسفيرن) **n.** a protein in the blood that transports iron.رت جو هڪ جزو يا سٿيو مادو جيڪو فولادي جزن کي کڻي هلي ٿو.

transfer-ticket (ٽرانسفر ٽڪيٽ) **n.** a ticket for a journey to be resumed on another route.مسافريءَ جي ٽڪيٽ جيڪا هڪ کان وڌيڪ جاين يا اسٽيشن لاءِ هجي.

transfiguration (ٽرانسفگريشن) **n.** a transformation or glorification in appearance or form; a change of form or figure; the Christian festival celebrating on August., 6.شڪل جي تبديلي، تبديل هيئت، تبديل صورت، شڪل ڦيرائڻ، ڪرسٽ (حضرت عيسيٰ عليه السلام) جي پهاڙ تي شڪل بدلجڻ بابت عقيدو، عيسائين جي هڪ عيد.

transfigure (ٽرئنسفگر) **vt.** to change the appearance or form of; to idealize; to glorify.شڪل ڦيرائڻ، صورت مٽائڻ، صورت بدلڻ، شڪل بدل.

transfinite (ٽرئنسفائنائٽ) **adj.** surpassing what is finite; (of a cardinal or ordinal number) surpassing all finite numbers.لامحدود، تمام گهڻو، سڀني موجود انگن کان وڏو انگ، لامحدود رقم يا انگ.

transfix (ٽرئنسفڪس) **vt.** to pierce through; to cause to be immovable; to paralyse with sudden emotion, horror or shock; to cut through a limb. آر پار ڇيد ڪرڻ، ٽنبڻ، وچان لنگهائڻ، متڙڻ، هڪ هنڌ ڄمائي ڇڏڻ، حوصلا خطا ڪرڻ، عضوو مڪمل طور ڪپي ڇڏڻ، جُدا ڪرڻ.

transfluent (ٽرانسفلوئنٽ) **adj.** flowing or running across or through. هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ وهي وڃڻ وارو، وهي هلندڙ، لنگهي يا اڪري ويندڙ، دخول ڪري ويندڙ.

transform (ٽرئنسفارم) **vt, vi, n.** to change the form or shape of; to change radically or thoroughly to another form, appearance, substance or character; to change the form of; to change the voltage of using a transformer; to be changed in form or substance; an expression or figure derived from another; any of a group of linguistic constructions related in some way through the application of transformational rules; (in digital computers) a process that alters the form of information without changing its meaning. شڪل. شڪل مٽائڻ. صورت بدلائڻ. روپ مٽائڻ. تبديل. صورت بدلڻ. حالت بدلائڻ. مٽ سٽ ڪرڻ. (بجليءَ جي) ڦوت مٽائڻ. صورت يا جوهر جي تبديلي. ڪنهن هڪ صورت مان مختلف صورتون ناهڻ. ٻولين جي مختلف گروهن جو هڪ ٻئي تي اثر. (ڪمپيوٽرن ۾) ٻيهڪ جي مٽ سٽ ڪري مواد جو پاڻ مرادو مٽجي وڃڻ (بنا معنيٰ جي فرق جي).

transformation (ٽرئنسفارميشن) **n.** act of transforming; an entire change of form, constitution or substance; metamorphosis; transmutation; a sudden, dramatic change of scene, esp a scene on the stage that changes in presence of the audience or in which the characters of the pantomime were transformed into those of the harlequinade; change from one linguistic transform to another of the group; any of a number of grammatical rules converting the deep structure of a sentence into its surface structure; reflection, rotation, translation or dilatation; a transformed person; false hair, a wig. تحويل. ڪايا پلٽ. شڪل جي تبديلي. منتقلي. بناوت جي مٽ سٽ. طبعي بدل. بناوت جي تبديلي. صورت جي ڦير گهير. شڪل بدلجڻ. تبديل صورت. روپ پرورتن. روپانتر. بدنام. تبديل. منظر جو هڪ دم مٽجي وڃڻ. ٻوليءَ جي هڪ گروهه کان ٻئي گروهه تائين تبديلي. گرامر جا اصول جن مطابق جملن ۾ مٽ سٽ ڪئي ويندي آهي. عڪس. اولڙو. پاڇو. پاڇولو. (روشنيءَ جي) موٽ يا موڙ. ڦيرو. گهيرو. چڪر. گردش. حرڪت. وار ڦير. دورو. چڪر جو ڦيرو. ترجمو. نقل. (ذهني طور) بدليل ماڻهو. ٻاهريان لڳل وار.

transformer (ٽرئنسفارمَر) **n.** one who or thing that transforms; an apparatus for obtaining an electric current from another of a different voltage. مبدل. تبديل ڪندڙ. بدل گر. بجليءَ جي تبديليءَ جو هڪ آهر اوزار.

transfuse (ٽرئنسفيوز) **vt.** to transfer by pouring; to pour out into another vessel; to transfer blood to another's veins; to treat a patient, by transfusion; to cause to pass, enter or diffuse through; to imbue; to instil; to cause to be imbibed. نفوذ. انتقال. هڪ ٿانءَ مان ٻئي ۾ وجهڻ. هڪ جسم مان ٻئي ۾ رت داخل ڪرڻ. منتقلي. رنگڻ. رنگ چاڙهڻ. ٻوڙڻ. داخل ڪرڻ. آلو ڪرڻ. پسائڻ.

transfusion (ٽرئنسفيوزن) **n.** act of transfusing, esp of blood into a patient. انتقال عمل. نفوذ باهمي. نفوذي. نفوذ. خون. خون منتقلي. بدن ۾ رت ڏيڻ.

transgenic (ٽرئنسجينڪ) **adj, n.** (of animals or plants) containing genetic material introduced from another species by techniques of genetic engineering; a transgenic plant or animal. جنسي. جنسي تحويل. منتقلي. جنسي جيوڙن جي غير جنس ۾ منتقليءَ جو عمل. انهيءَ منتقليءَ تحت تيار ڪيل ٻوٽو يا جانور.

transgress (ٽرئنسگريس) **vt, vi.** to break or violate; to infringe; to pass beyond the limit of or set by; to overstep, exceed; (of the sea) to flood over the land; to offend by violating a law; to sin. حڪم پيڇڻ. حڪم ٽوڙڻ. تجاوز ڪرڻ. عدول ڪرڻ. خطا ڪرڻ. ڏوهه ڪرڻ. اورانگهڻ. حد لپڻ. گناهه ڪرڻ. قانون پيڇڻ. قانون جي انحرافي ڪرڻ. قانون جي پيچڪڙي ڪرڻ. ڪنهن حڪم جي پيچڪڙي ڪرڻ.

transgression (ٽرئنسگريشن) **n.** act of transgressing; a trespass; an offence; crime; an overstepping; an infringement; sin. خلاف ورزي. حڪمي عمل جي پيچڪڙي. تجاوز. حڪم پيڇڻ. عهد شڪني. ڌرم ڀنگ. خطا. قصور. اپراڌ. النگهڻ. قانون شڪني. گناهه. پاپ. دوش. ڪُڪرم.

transgressor (ٽرانسگريسر) **n.** one who transgresses, an offender, a criminal. اپراڌي. عدول حڪم. تقصيروار. قصوروار. خطاڪار. تجاوز ڪندڙ. پيچڪڙي ڪندڙ. گنهگار. پاڪي. پاپي. دويشي. قانون شڪن.

tranship or **trans-ship** (ٽرئنسشپ) **vt, vi.** to convey or transfer from one ship to another; to change ship, etc. هڪ جهاز مان لاهي ٻئي ۾ چاڙهڻ. جهاز مٽائڻ.

transhipment (ٽرانسشپمينٽ) **n.** the act of transhipping. هڪ جهاز مان ٻئي جهاز ۾ سامان جي منتقليءَ جو عمل. لاهه چڙهه جو عمل.

transhume (ٽرئنسيوم) **vt & vi.** to transfer or pass livestock from summer to winter or from winter to summer pastures. سياري. جانورن جو موسم مطابق ماڳ مٽائڻ. ۾ هڪ هنڌ ته اونهاري ۾ ٻئي هنڌ.

transient (ٽرئنزينٽ) **adj, n.** passing quickly; fleeting; momentary; fugitive; of short duration, impermanent; making, or for people making, only a short stay; passing; (of a mental process) producing an effect outside the mind; a temporary resident, worker; a brief alteration in a waveform, as a sudden surge of voltage or current. عارضي. غير پائدار. وقتي.

ياچوڪڙ، تڪڙو، سراسري، ڪڻ پنگر، ڪشڪ، دن جو، چڻن ڏينهن جو (چنڪو)، ناپائدار، فاني، بي بقا، جلدي گذرڻ وارو، تمام ٿوري وقت لاءِ جئادار، ٿوري وقت لاءِ رهاڪو، ڪچو ملازم، هلڪي مٽ سٽ، بجليءَ جي اثر جي معمولي ۽ ٿوري دير لاءِ، تبديلي.

transilient (ٽرنسيلنٽ) **adj.** leaping or passing across. لبي هليو ويندڙ، منجهان هليو ويندڙ.

transilluminate (ٽرنزيليومينيٽ) **vt.** to pass a strong light through, esp for the purposes of examination. تيز روشني (ڪنهن مادي مان) لنگهائڻ، بدن مان تيز شعائون لنگهائي (جڪاس ڪرڻ).

transire (ٽرانزائري) **n.** customs warrant for clearing goods, cargo etc. سامان جي ڪٽي وڃڻ جو (ڪسٽم طرفان ڏنل) اجازت نامو.

transisthmian (ٽرنزاسٿمين) **adj.** across an isthums. ڪنهن ڏرتيءَ جي پار يا ٻئي طرف.

transistor (ٽرنز سٽر) **n.** a three-electrode semiconductor device, able to perform many functions of multi-electrode valves; an amplifier with crystal and two cat's whiskers. آر پار روڪيندڙ، بجليءَ جو ٽه طرفو نظام، ننڍو ريڊيو.

transistorize (-ise) (ٽرنز سٽرائز) **vt.** to fit with or convert to use transistors. ٽرانسسٽرن جو استعمال ڪرڻ يا لڳائڻ.

transistor radio (ٽرنزسٽر ريڊيو) **n.** a small portable radio. ننڍو ريڊيو، ٽرانسسٽر ريڊيو.

transit (ٽرنزٽ، ٽرانزٽ، ٽرانسٽ) **n, vi, vt.** the conveyance or passage of things or people over, across or through a distance; act of passing; a passage; a route; passenger transport; the apparent passage of a heavenly body over the meridian; the apparent passage of a smaller planet over the disc of a greater; the passage of a planet across some particular region or point on the zodiac; a transit-circle, transit-instrument, or transit-theodolite; to pass across; to reverse. گذر، لنگهه، رستو، روانگي، راهداري، راهه، لنگهڻ، روانگي رستو، مسافر بسن جو نظام، ڏکهائي ڏاڪ مٿان گرهن جي هلڻ يا لنگهڻ جو عمل، وڏي گرهه سان ڪلا ننڍن گرهن جو لنگهڻ، ڪنهن گرهه جو ڪنهن خاص علائقي مٿان لنگهڻ، مدوري ڦيرو، گذر اوزار، سروي جو اوزار، لنگهي وڃڻ، موٽڻ.

transit camp (ٽرنزٽ ڪئمپ) **n.** a camp where eg refugees, immigrants, soldiers are temporarily accommodated before travelling on to a further destination. ٿوري عرصي لاءِ مهاجرن يا دربدر ٿيل ماڻهن جو اجهو، رستي ۾ مالجهاندي لاءِ ڪيل بندوبست، ٽڪ پوڻ جي جاءِ.

transit-circle (ٽرنزٽ سرڪل) **n.** a transit-instrument with a graduated circle for declinations. گذر دائرو، دوربين نصف النهار.

transit-duty (ٽرنزٽ ڊيوٽي) **n.** a duty chargeable on goods passing through a country. راهداري محصول.

transit-instrument (ٽرنزٽ انسٽرومينٽ) **n.** a telescope mounted in the meridian and turned on a fixed east and west axis. گذر آلو، گذر اوزار، نصف النهار تي بيٺل دوربيني.

transition (ٽرنزيشن) **n, adj.** passage from one place, state, stage, style, topic or subject to another; a change of key, esp an abrupt one not using modulation; the specific passage from Romanesque or Norman to Gothic; a change in the structure of an atomic nucleus, accompanied by photon emission or absorption; transitional. روانگي، تبادلو، انتقال، تبديل، ٿيندڙ، ڦيرو، تحويل، پرورتي، نقل، گذر، عارضي تبديل، عبور، ڦيرڦار، مٽ سٽ، ڦير گهير، متاسنا، هڪڙيءَ حالت مان ٻيءَ ۾ لنگهڻ يا وڃڻ، هڪڙي هنڌان ٻئي هنڌ وڃڻ، تهذيبن جو مختلف دؤرن ۾ وڃڻ، ايٽم جي ذري جي مختلف اڻن هيٺ بيهڪ يا هيئت ۾ تبديلي.

transition element or metal (ٽرينزيشن ايليمينٽ يا ميٽل) **n.** one of a group with an incomplete inner electron shell, characterized by the ability to form coloured complexes. عارضي عنصر، غير پائداري عنصر، مختلف رنگن ناهڻ جي خوبي رکڻ وارا عنصر.

transition point (ٽرنزيشن پوائنٽ) **n.** the temperature at which a crystalline form of a substance is converted into a solid form, ie that at which they can both exist in equilibrium. عارضي نقطو، غير پائداري تنظيم، گرمي پد جنهن تي قلمي شيون سخت ٿيڻ شروع ٿين ٿيون.

transitive (ٽرنزيٽو) **adj.** passing over; having the power of passing; (of a verb) taking a direct object; denoting a relation in which if the first element bears a relation to the second, and the second bears the same relation to a third, then the first bears the same relation to the third. (فعل) متعدي سڪرمڪ (ڪريا)، لن شين وچ ۾ هڪ جهڙائيءَ جي اصول جي بيهڪ ته جيڪڏهن هڪ کي ٻئي سان نسبت آهي ۽ ٻئي کي ٽئين سان ته لازماً هڪ کي به ٽئين سان نسبت ٿيندي (جيڪڏهن الف برابر آهي ب جي ۽ ب برابر آهي ت جي، ت الف برابر ٿيو ت جي)

transit lounge (ٽرنزٽ لائونج) **n.** a lounge for transit passengers at an airport. وقتي مسافرن لاءِ وهڻ جي جاءِ، اڳتي وڃڻ وارن مسافرن لاءِ هوائي اڏي تي خاص انتظام ۽ بينڪ.

transitory (ٽرانزيٽري) **adj.** lasting or appearing for a short time; going or passing away; vanishing quickly..عارضي، تبديل ٿيندڙ، غير پائدار، جلدي گم ٿي ويندڙ، نقش برآب، بي بقا، فاني، ناپائدار، ڪِرڻ ڀنگر، ڪجهه ڏينهن لاءِ.

transitory action (ٽرانزيٽري ايڪشن) **n.** an action that can be brought in any country no matter where the action originated.اهڙو معاملو جيڪو وقتي طور ڪنهن به ملڪ جي عدالت ۾ ڪٿي سگهجي.

transit passenger (ٽرئنزٽ پئسينجر) **n.** a passenger stopping briefly at an airport, between flights.اڪثر وچڻ وارو مسافر، رستي جو مسافر، واهرو، راهرو.

transit-theodolite (ٽرئنزٽ ٿيوڊولائٽ) **n.** one whose telescope can be reversed.سروي جو اهڙو اوزار جيڪو مختلف طرف جي به هڪ جهڙي بيهڪ ظاهر ڪري.

transit-trade (ٽرئنزٽ ٽريڊ) **n.** the trade of carrying foreign goods through a country.ٻن ملڪن درميان واپار، جيڪو ڪنهن ٽئين ملڪ جي واسطي سان ٿئي.

transit visa (ٽرئنزٽ ويزا) **n.** one allowing only transit through a country and not residence. هڪ ملڪ مان صرف لنگهڻ جي ويزا، راهداريءَ جو پروانو.

Transjordanian (ٽارنس جارڊينين) **n, adj.** a native or inhabitant of the former Transjordan, a territory now forming part of Jordan; a person from beyond the river Jordan; of or relating to the land beyond the river Jordan or to its people.اردن جي هڪ علائقي جو رهاڪو، درياهِ اردن جي ٻئي پاسي جو رهاڪو، هائوڪي فلسطين جو رهاڪو، فلسطين جو علائقو.

translate (ٽرئنسليٽ/ ٽرانسليٽ/ ٽرنسليٽ) **vt, vi.** to render into another language; to express in another artistic medium; to put in plainer terms, explain; to interpret the significance or meaning of an action or behaviour; to remove or transfer from one place to another place; to remove to heaven, esp without death; to transform or convert; to perform a translation on; to interpret genetic information stored in the synthesis of a protein or polypeptide; to enrapture; to renovate, make new from old.ترجمو ڪرڻ، معني ڪڍڻ، سمجهڻ، ڦيرائڻ، بدلي ڪرڻ، هڪ جڳهه تان ٻيءَ جڳهه تي موڪلڻ، جڳهه مٽائڻ، هڪ هنڌان ٻئي هنڌ موڪلڻ، ٻيءَ صورت ۾ پيش ڪرڻ، جيئري بهشت ۾ داخل ڪرڻ، صورت تبديل ڪرڻ، حالت مٽائڻ، خلين يا گهرڙن ۾ موجود معلومات کي سمجهڻ، سمجهائڻ، گدگد ڪرڻ، بهار ڪرڻ، موهڻ، چٽ چريو ڪرڻ، بهتر ڪرڻ، مرمت ڪرڻ، پراڻي کي نئون ڪرڻ، صورت تبديل ڪرڻ.

translation (ٽرنسليشن) **n.** the act of translating; rendering into another language; a version; removal to another place; motion, change of place, such that every point moves in the same direction at the same speed; similar change of place of a geometrical figure; an algebraic function obtained by adding the same constant to each value of the variable in a given function, thus moving the graph of this function; the automatic retransmission of a telegraphic message; the process by which genetic information stored in RNA causes a protein or polypeptide to be synthesized to a particular pattern; the working up of new things from old material..ترجمو، بدلي، انتقال، شرير مڪتي، آلوَ واد، پاشالتر، الٿو، بيان، ٻئي هنڌ کڻي وڃڻ، جاميٽريءَ جو هڪ اصول، آلجبرا ۾ ساڳيو انگ وري وري جوڙ ڪري حساب ڪرڻ، فون رستي آيل نياپي جو پاڻ مرادو هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ وڃڻ، ورثاتي جيوڙي مان معلومات هڪ جزي کان ٻئي ۾ منتقل ٿيڻ جو پاڻ مرادو عمل، پراڻين شين مان نين شين جي تياري.

translative (ٽرنسليٽو) **adj, n.** denoting, as in Finnish, 'turning into'; the translative case.اصل مٽائڻ، ڦيرائڻ، حالت مان ٻي حالت ۾ آڻڻ، تبديلي.

translator (ٽراسليٽر) **n.** a person or machine that translates from one language into another; a program which converts another program from one language to another; a relay transmitter.mtrjm, trjman, مترجم، ترجمان، ترجمو ڪندڙ، هڪ پروگرام جنهن رستي ساڳي ڳالهه هڪ وقت مختلف ٻولين ۾ پيش ڪئي وڃي.

translatory (ٽرنسليٽري) **adj.** of or relating to direct onward motion without rotation..سڌو ۽ لاڳيتو قوت وارو اثر.

transliterate (ٽرانزليٽريٽ) **vt.** to write a word in letters of another alphabet or language.ٻيءَ ٻوليءَ جي اکرن ۾ لفظ لکڻ.

translocate (ٽرانزلوڪيٽ) **vt.** move from one place to another; transport a dissolved substance within an organism, esp in the phloem of a plant, or actively across a cell membrane; move a portion of a chromosome to a new position on the same or another chromosome.هڪ هنڌان کڻي ٻئي هنڌ رکڻ، هڪ مادي کي ٻئي ۾ وجهي ڳاري ٻئي هنڌ رکڻ، تبديل ڪرڻ، جڳهه بدلائڻ، ٻولي مادو جو هڪ جڳهه کان ٻئي هنڌ استعمال ٿئي.

translocation (ٽرانزلو ڪيشن) **n.** transference from place to place, esp of materials within the body of

a plant; the transfer of a portion of chromosome to another part of the same chromosome or to a different chromosome, without or with loss of genetic material..تبادلو، ڦهلاءُ ڇڙير، جڳهه بدل، جڳهه مٽائڻ، پکڙڻ، ڦهلڻ، هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ وڃڻ جو عمل.

translucent (ٽرانزلو سنٽ) **adj.** shining through; transmitting rays of light, but not so as to render objects distinctly visible; transparent; clear; imperfectly transparent.نيم شفاف، اڌ صاف، غير شفاف (ٿورو الڌو)، تجلا ڏيندڙ، ڀهڪندڙ، پار درشڪ، صاف، شفاف.

translunar (ٽرانزلونر) **adj.** beyond the moon; relating to the region beyond the moon's orbit round the earth..ڌرتيءَ جي چنڊ کان ٻاهر جي مدار واري خلائي حصي بابت، چنڊ جي مدار کان ٻاهر واري علائقي بابت.

translunary (ٽرنزلونري) **adj.** beyond the moon; visionary; celestial rather than earthly.نيم قمري، آسماني، چنڊ کان به پري واري حالت، خيالي، وهمي، غير حقيقي، غير جسماني، روحاني.

transmanche (ٽرنزمَنش) **adj.** of, for or relating to the tunnel under the English Channel (Fr).رودبار انگلستان جي هيٺان کوٽيل غار يا چر متعلق، برطانيه ۽ فرانس جي وچ ۾ سمنڊ هيٺان ٺاهيل رستو ۽ اُن جي باري ۾.

transmarine (ٽرنزمَرين) **adj.** lying, across or beyond the sea. سمنڊ پار، بحر پار، سمنڊ جي ٻئي پاسي.

transmew (ٽرنزميو/ ٽرانز مِيو) **vt.** to transmute..ڪا يا پلٽ، جنس مٽ، جنس بدلائڻ، ماهيت بدلڻ.

transmigrant (ٽرنز مائگرنٽ) **n, adj.** a person who transmigrates; a migrant passing through a country on the way to another in which he or she means to on the way to another in which he or she means to settle; passing through; transmigrating..آهو مائهو جيڪو هڪ هنڌان ٻئي هنڌ لڏي وڃي، لڏي ويندڙ، هڪ ملڪ مان ٻئي ملڪ لڏي ويندڙ مائهو جو ٽئين ملڪ مان لنگهڻ، ٻئي ملڪ مان لنگهي وڃڻ، مهاجر.

transmigrate (ٽرنز مائگريٽ ٽرانزمائگريٽ) **vi, vt.** to remove to another place of abode or state; (of the soul) to pass into another body at death; to cause to transmigrate.لڏڻ، مڪان ڇڏڻ، جون پائڻ، چولو بدلڻ، ٻيو جنم وٺڻ، جون مٽائڻ.

transmigration (ٽرانس مائگريشن) **n.** act of tranmigrating, the passing of a soul into another body after death. لڏ پلاڻ، هجرت، جلاوطني، پُنرجنم، آواگون، تناسخ، جون مٽائڻ، ٻي جون، ٻيو جنم، ڄمڻ مرڻ جو چڪر.

transmigrationism (ٽرانمائگر) **n.** belief in the transmigration of souls.جون مٽائڻ جو نظريو، انسان جو وري وري جنم وٺڻ جو نظريو، آواگون جو اعتقادي، اصول تناسخ جو پوئلڳ

transmission (ٽرانزميشن) **n.** the process of transmitting or state of being transmitted; that which is transmitted; a programme, message, sent out by radio; the system of interdependent parts in a motor vehicle, by which power is transferred from the engine to the wheels; transmittance..ارسال، روانگي، موڪلڻ، (مان) گذرڻ، گذارڻ، ارسال (عمل)، منتقلي، نشريات، خبر رساني، انتقال، گذر، ڦهلجڻ، پکڙجڻ، تبديل ٿيڻ.

transmission coefficient (ٽرانزميشن ڪوآيفيشنٽ) **n.** the probability of penetration of a nucleus by a particle striking it. منتقلي شرح.

transmission electron microscope (ٽرانزميشن اليڪٽران مائڪرو اسڪوپ) **n.** an electron microscope which produces a two-dimensional image from the diffraction of electrons after passage through the specimen.بجليءَ تي هلڻ واري خوردبين جيڪا چڪاس هيٺ شيءِ کي ٻه طرفو ڪري ڏيکاريندي آهي.

transmission line (ٽرانزميشن لائين) **n.** any conductor used to transmit electric or electromagnetic energy, eg a power line or telephone line.منتقلي تار، بجليءَ جي رسد جي تار، فون جي تار.

transmit (ٽرنزمٽ - ٽرانزمٽ) **vt, vi.** to send from one place or person to another; to pass on; to hand on; to communicate; to hand down to posterity; to send out or broadcast (radio signals or programmes); to transfer power from one part of a machine to another; to allow the passage of, act as a medium for heat, energy, light or sound; to send out a radio signal, etc..منجڻ، روانو ڪرڻ، ڏياري موڪلڻ، پَٺڻ، منتقل ڪرڻ، پهچائڻ، نشر ڪرڻ، بجلي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچائڻ، ريڊيو رستي نشر ڪرڻ، نشرياتي نظام وسيلي پکيڙڻ يا موڪلڻ.

transmittance (ٽرانز مٽنس) **n.** act of transmitting; the ratio of energy transmitted by a body to that incident on it.موڪلڻ وارو نظام، هڪ جسم کان ٻئي ۾ قوت منتقل ڪرڻ جي نسبت.

transmitter (ٽرانزمٽر) **n.** one who or thing that transmits; apparatus for producing, modulating and send out anything, eg signals, messages; a neurotransmitter.'نفوذ ڪار، ڦهلائيندڙ، پهچائيندڙ، منتقل ڪندڙ، نشر ڪندڙ، بدني يا جسماني اشارا پهچائڻ جو نظام.

transmogrify (ٽرانزموگرفاءِ) **vt.** to transform or transmute, esp bizarrely.ڪايا. شڪل تبديل ڪرڻ. صورت بدلائڻ. پلٽ ڪرڻ. جنس مٽائڻ. ڪيميا ٺاهڻ.

transmove (ٽرڪنز موو ٽرانز موو) **vt.** to transmute.صورت مٽائڻ. شڪل تبديل ڪرڻ. جنس مٽائڻ. خاصيت مٽائڻ. ڪايا پلٽ ڪرڻ. ڪيميا ٺاهڻ.

transmundane (ٽرانزمنڊين) **adj.** not belonging to this world, out of, beyond, this world..غير دنياوي. روحاني. غير جسماني. هن دنيا کان ٻاهر وارو. ٻيءَ دنيا جو.

transmute (ٽرئنزميوٽ) **vt.** to change to another form or substance; to change base metals into gold or silver.مادو بدلائڻ. خاصيت مٽائڻ. صورت بدلائڻ. ڪا يا پلٽ ڪرڻ. ڪيميا ٺاهڻ. جنس بدلائڻ. ماهيت بدلائڻ. جنس مٽ.

transmutation (ٽرئنز ميوٽيشن) **n.** act of transmuting; a changing into a different form, nature or substance, esp that of one chemical element into another; the process supposed to change base metals into gold or silver; the change of one type of atom to another as a result of nuclear radiation; the transformation of one species into another.هر تبديلي. شڪل تبديلي. جنسي تبديل ڪاري. تبديل شڪل. ڪاياپلٽ. تقليب. تبديل. ڪيمياگري. هڪ شيءِ جو ٻيءَ ۾ بدلجڻ.

transnational (ٽرئنزنئشنل) **adj.** transcending national boundaries, concerning more than one nation.ملڪي سرحدن کان ٻاهر. هڪ کان وڌيڪ ملڪن سان واسطيدار.

transoceanic (ٽرئنزاوشينئڪ) **adj.** crossing the ocean; across or on the other side of the ocean..سمنڊ پار ٽپل. سمنڊ پار ويل. سمنڊ جي ٻئي پاسي. سمنڊ جي ٻئي ڪناري تي. پرٿيءَ پر.

transom (ٽرئنسَم) **n.** a structure dividing a window horizontally; a lintel; a small window over the lintel of a door or window; a crosspiece; a crossbeam; any of several crossbeams used to strengthen the stern of a vessel.دريءَ کي مختلف حصن ۾ پاسيرو ورهائڻ جو نظام. دريءَ جا هيٺ کان مٿي يا مٿان کان هيٺ کلڻ وارا طاق. در يا دريءَ جي مٿان واري پٽي. ڪامر. بحري جهاز ۾ پاسيرا لڳل تختا.

transpacific (ٽرئنسپيسِفڪ) **adj.** crossing the Pacific; beyond or on the other side of the Pacific.پئسفڪ سمنڊ جي ٻئي پاسي. پئسفڪ سمنڊ جي پار ويڃڻ.

transparency or **transparence** (ٽرئنسپيرنسي ٽرئنسپيرنس) **n.** the state or quality of being transparent; something which is transparent; a picture, photograph, design or device visible, or to be viewed, by transmitted light, eg through a slide projector, a slide..شفافي. صفائي. پاردر شڪتي. سوچتا. بير. شفاف پلاسٽڪ جو ڪاغذ جيڪو ڇپائيءَ، ڪئميرائن ۽ پروجيڪٽرن ۾ استعمال ٿيندو آهي.

transparent (ٽرئنسپيرنٽ) **adj.** able to be seen through distinctly; clear; pellucid; previous to rays; easily detected, understood; obvious, evident; ingenuous, frank; shining through.شفاف. ترپارشرؤ. پاردرشڪ. کلتو. پڪندڙ. اڄل. نرمل. صاف. سمجهه ۾ ايندڙ. ظاهر ظهور. کليو ڪلايو. سادو. سرل. سچو. صاف دل. نڪپٽ. ڪليل. للي ڇپي نه ڪندڙ. چمڪندڙ.

transpersonal (ٽرئنس پرسنل) **adj.** going beyond or transcending the individual personality; denoting a form of psychology or psychotherapy that utilises mystical, psychical or spiritual experience as a means of increasing human potential.انساني حيثيت يا جسم کان ٻاهر. دماغي خرابيءَ جي هڪ حالت. انسان جو روحانيت ۾ اڃڻ جو عمل. روحانيت رستي ذهن جي پهچ وڌائڻ.

transpicuous (ٽرئنپيڪس) **adj.** transparent..صاف. شفاف. کلتو. پکندڙ. اڄل. ظاهر. سرل. سچو. ڪليل.

transpierce (ٽرئنسپيرس) **vt.** to pierce through; to permeate.آرپار. وچان لنگهائڻ. آرپار اسائڻ. گهڙي وڃڻ. رمي وڃڻ. وڃڻ. ٻئي پار وڃڻ.

transpiration (ٽرئنپائريشن) **n.** the act or process of transpiring; exhalation through the skin; (in plants) emission of water vapour through the stomata etc. بخار ٿيڻ جو عمل (ٻوٽن مان) پاڻي بخار ٿيڻ جو عمل. عمل تبخير. معلوم ٿيڻ. کلي پوڻ. پڌرو ٿيڻ جو عمل.

transpire (ٽرئنسپائر) **vt, vi.** to give off as vapour; to exhale; to emit through the pores of skin; to give off water vapour (as plants do) or waste material through the skin (as some animals do); to become known, come to light; to happen; to prove to be the case..بخار ٿيڻ. خارج ٿيڻ. (ٻوٽن جو) پاڻي جي بخار ٿيڻ. ظاهر ٿيڻ. معلوم ٿيڻ. کلي پوڻ. پترو ٿيڻ. گذرڻ. کلڻ. کلي پوڻ. واقع ٿيڻ. نظرن سامهون اچڻ. ٿي پوڻ. حقيقت ظاهر ڪرڻ. ثابت ڪرڻ.

transplant[1] (ٽرئسپلانٽ) **vt, vi.** to remove a plant from the ground where it grows and plant in another place; to transfer, (eg an organ or tissue) surgically from one person or animal to another, or to another part of the same; to remove and establish elsewhere; to tolerate or withstand transplanting..روليو. روٽ. وهراج. رلبڻ. روٽڻ. ٻيجڻ. ٻيجيڪاري منتقلي. وَهرڻ. ٿذارڻ. هڪ هنڌان ٻئي هنڌ موڪلڻ. وَهراج ڪرڻ. منتقلي

برداشت ڪرڻ.

transplant[2] (ٽرنسپلانٽ) n. a part or organ removed from its normal position and grafted into another position in the same individual; the organ, tissue transplanted; the act of transplanting; a plant which has been transplanted. عضوي تبديلي. انساني جسم جو ڪو جزو هڪ هنڌان ڪڍي ٻئي هنڌ لڳائڻ. ٻوٽي منتقلي. هڪ هنڌان ڪڍي ٻئي هنڌ لڳايل ٻوٽو .

transplantation (ٽرانسپلانٽيشن) n. act of transplanting, removal. عضوي تبديلي ، رولبو، رُلبَ، روت، وهراڃ، روتڻ، رلڻ، ٻوٽا ڪڍڻ.

transponder (ٽرنز پانڊر) n. a radio or radar device which, on receiving a signal, transmits a signal of its own. ريڊيو يا رادار جو نظام جيڪو ٻاهران ايندڙ اشارن حاصل ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي طرفان اشارو موڪلي.

transport[1] (ٽرنسپورٽ) vt. to carry, convey or remove from one place to another; send overseas to a penal colony; to carry away by strong emotion; to throw into an ecstasy; to translate; to put to death; to carry off. هڪ جڳهه تان ڪڻي ٻيءَ جڳهه تي رکڻ. کڻي وڃڻ. بار برداري ڪرڻ. ڪاري پاڻيءَ موڪلڻ. (چت) چريو ڪرڻ. موهڻ. مستيءَ ۾ آڻڻ. موج ۾ آڻڻ. جوش ۾ آڻڻ. جلا وطن ڪرڻ. بي حد خوشي، ازحد خوشي، ختم ڪرڻ. ٻئي جهاز موڪلڻ.

transport[2] (ٽرنسپورٽ) n. transportation; carriage or conveyance of goods or people from one place to another; the management of or arrangements for such conveyance; means of conveyance for getting from place to place; the conveyance of troops and other equipment, a ship, aircraft for this purpose; ecstasy, or any strong emotion; someone who has been transported or sentenced to transportation. (مال) هڪڙي هنڌان ٻئي هنڌ نيڻ. باربرداري ڪرڻ. روانگي، ڪڍائڻ، کڻي وڃڻ. باربرداري جهاز. آمدرفت. اچ وڃ جو ذريعو. اچ وڃ جو وسيلو. فوجون ۽ انهن جي رسد پهچائڻ. بحري مال بردار جهاز. هوائي مال بردار جهاز. بي خودي. وجد. منڪتا. موج. رقت. ڪاري پاڻيءَ جي سزا مليل قيدي. جلاوطن ٿيل.

transportable (ٽرنسپورٽبل) adj. able to be transported; (of an offence) liable, or rendering liable, to transportation. هڪ هنڌان ٻئي هنڌ موڪلڻ جهڙو. (ڏوهه) ڪاري پاڻيءَ جي سزا جهڙو. جلاوطن ڪرڻ جهڙو. ڪاري پاڻيءَ جي سزا لائق.

transportation (ٽرنسپورٽيشن) n. removal; act of transporting; process of being transported; removal of offenders to penal colonies beyond seas; the transporting of goods or people; means or system of transport; tickets or passes for transport. آمدرفت. روانگي، اچ وڃ. نقل مڪاني. جاءِ مٽ. نقل وَ حرڪت. هڪ هنڌان ٻئي هنڌ مال آڻڻ نيڻ. کڻي وڃڻ. نقل ۽ حمل. ڪاروائي. ڪارو پاڻي. جنم ٽيپ. جلاوطني.

transport café (ٽرنسپورٽ ڪيفي) n. a roadside café catering mainly for long-distance lorry drivers. رستي تي ٺهيل هوٽل جتي ڊرائيور (۽ مسافر) ماني کائي سگهن.

transporter bridge (ٽرنسپورٽر) n. a bridge for transporting vehicles, consisting of a moveable platform suspended from a girder. گاڏيون لنگهائڻ واري پُل.

transposable element (ٽرنسپوزبل ايليمينٽ) n. a transposition. بدلجڻ جهڙو عنصر.

transposal (ٽرنسپوزل) n. a change of place or order. بدلي. تبادلو. مٽ سٽ. جڳهه مٽ.

transpose (ٽرنسپوز) vt, n. to transfer; to turn, alter; to change the order of things, interchange; to write, perform or render in another key (music); to transfer a term from one side of an equation to the other; with a corresponding reversal of sing; to interchange the rows and columns of a matrix; to transform; a matrix resulting from rows and columns being interchanged. بدل سدل ڪرڻ. هنڌ مٽائڻ. هڪڙي هنڌان ٻئي هنڌ ڪرڻ. اڳي پوءِ ڪرڻ. جڳهه بدلڻ. ڦيرائڻ. مٽ سٽ ڪرڻ. موسيقيءَ جي لي مٽائڻ. (حسابن ۾) نشان هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ڪرڻ. بدلايل. مٽ سٽ ڪيل. ڦيرايل. تبديل ڪيل.

transposition (ٽرانسپوزيشن) n. act of transposing; state of being transposed; change of the order of words for effect. ويٽ پاس. ادل بدل. تقليب. آستان الٽر. آستان پرورتن. تحريف. تبديلي. لفظن کي مٽائي سٽائي معنيٰ ڦيرائڻ.

transposon (ٽرنسپوزون) n. a sequence DNA capable of moving to different sites in a chromosome or to a different chromosome, with a subsequent change in the genetic makeup of the cell. جنسياتي جيوڙن جي پاڻ مرادو هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ وڃڻ جي سگهه ۽ هڪ حالت مان ٻيءَ حالت ۾ بدلجڻ.

transputer (ٽرنسپيوٽر) n. a chip capable of all the functions of a microprocessor, include memory, and able to process in parallel rather than sequentially. ڪمپيوٽر جو هڪ تمام معمولي پرزو جيڪو ڪيترن عملن ۾ مددگار رهي ٿو.

transsexual or **trans-sexual** (ٽرنسيڪيوئل) n, adj. a person anatomically of one sex but having a strong desire to adopt the physical characteristics

and role of a member of the opposite sex; a person who has had medical and surgical treatment to alter the external sexual features so that they resemble those of the opposite sex.اهو ماڻهو جيڪو مڪمل طور هڪ جنس وارو آهي (مرد- عورت) مگر ان جي باوجود به هو مخالف جنس جهڙو ٿيڻ چاهي، جنس مٽائڻ جو خواهان، جراحيءَ رستي جنس بدليل ماڻهو، عورت مان مرد يا مرد مان عورت ٿيل.

trans-shape (ٽرنسشيپ) **vt.** to transform.بدلائڻ، هيئت مٽائڻ، هڪ حالت مان ٻيءَ ۾ آڻڻ، روپ مٽائڻ، صورت بدلائڻ.

trans-sonic (ٽرنس سانڪ) **adj.** relating to the range of speeds close to, or equalling, that of sound.آواز جي رفتار جيتري رفتار رکندڙ يا ان سان واسطيدار.

trans-sonics or **transonics** (ٽرنس سانڪس) **n. sing.** the study of such speed.آواز جي رفتار جي حد کي پهچڻ جو اڀياس.

trans-sonic barrier (ٽرنس سانڪ بئريئر) **n.** the sound barrier. آواز جي حد.

transubstantiate (ٽرنسبسٽنيشيئيٽ) **vt.** to change to another substance.عنصر جي حالت مٽائڻ، هڪ مادي مان ٻئي مادي ۾ تبديل ڪرڻ.

transubstantiation (ٽرنسبسٽنشيئيشن) **n.** a change into another substance; the doctrine that, or the mystical process by which, in the consecration of the elements of the eucharist, the whole substance of the bread and wine is converted into Christ's body and blood, only the appearances of bread and wine remaining..تت پورتي، پران پرنشتتا، تبديل جوهر، عيسائين جو هڪ عقيدو ته حضرت عيسيٰ عليه اسلام جن جي ڪاڌل ماني جسم ۾ تبديل ٿي ويندي هئي، عام انسان جي سرشتي مطابق.

transudate (ٽرنسيوڊيٽ ٽرانسيوڊيٽ ٽرنزيوڊيٽ) **n.** a substance that transudes or has been transuded, eg a fluid that passes through a membrane or the walls of a blood vessel.نفوذ، هڪ مادي يا مائع جو ٻئي ۾ نفوذ يا منتقلي، سرايت، ڦهلاءُ، رت سان گڏ جسم ۾ روان ٿيا پاڻيٺ.

transude (ٽرنسيوڊ) **vi & vt.** to ooze out, through pores.وهي اچڻ، لڪري اچڻ، پگهر وانگر ٻاهر لڪري ايندڙ، بدني سوراخن رستي اخراج، ٻورن مان لڪرڻ.

transume (ٽرنسيوم) **vt.** to transcribe officially.سرڪاري طور نقل ڪرڻ، سرڪاري طور مهيا ڪيل نقل يا ترجمو.

transumpt (ٽرنسمٽ) **n.** a copy of a legal document. سرڪاري يا قانوني دستاويز جو نقل.

transumption (ٽرنسمشن) **n.** transcription; metaphor; transference or translation..ترجمو، نقل، ايمان، استعار، ترجمو، بدلي.

transuranic (ٽرنسيورنڪ) **adj.** (of an element) having an atomic number greater than that of Uranium. يورينيم بدل، نيوڪليائي عمل رستي تيار ڪيل عنصر، هٽرادو عنصر.

transvalue (ٽرنسويليو) **vt.** to re-estimate the value of, on a basis differing from the accepted standards.قيمت يا ملهه جي وري ڪٿ ڪرڻ، مقرر ماڻ کان هٽي ڪري ملهه ڪٿڻ.

transversal (ٽرنزورسل) **adj, n.** transverse; a line cutting a set of lines. ٽريڪ، ٽرچو، آڏو، پاسيرو، اريبي، گولائي رخ.

transverse[1] (ٽرنزورس) **adj, n, vt.** set, sent, lying, crosswise; crosswise; anything set crosswise; to cross; to thwart; to reverse; to transform..ٽرچو، آڏو، پاسڙيو، آرپار، گولائي رخ، اريبي گولائي رخ.

transverse[2] (ٽرنزورس) **vt.** to turn from prose into verse. نثر مان نظم ۾ آڻڻ.

transverse colon (ٽرنزورس ڪولون) **n.** the part of the colon lying across the abdominal cavity.وڏي آنڊي جو پيٽ اندر آڏو يا هيٺئين طرف وارو حصو.

transverse wave (ٽرنزورس وَيو) **n.** a wave motion in which the disturbance of the medium occurs at right angles to the direction of wave propagation. ٽرچي لهر، ٽرچي موج.

transvest (ٽرنزويسٽ) **vt & vi.** to dress oneself in the clothes of another person, esp of the opposite sex.ٻئي جا ڪپڙا پائڻ، خاص ڪري مخالف جنس جا، مرد جو زنانا ۽ عورت جو مردانا ڪپڙا پائڻ.

transvestite (ٽرنزورسٽائٽ) **n & adj.** (of or relating to) a person who gets psychological gratification from wearing clothes typically worn by the opposite sex.مخالف جنس جا ڪپڙا پائي ذهني سڪون محسوس ڪندڙ، ڪرڙن وارو طريقو اختيار ڪندڙ.

tranter (ٽرنٽر) **n.** a hawker; a carrier..ڦيرڙيو، گهورارو، نيلهي وارو، گهمي ڦري شيون وڪڻندڙ.

trap[1] (ٽرئپ) **n, vt, vi.** any enclosure or mechanical device, baited for catching animals unawares; a snare, gin; an ambush; a hidden danger; a plan or trick for surprising a person into speech, action or for catching someone unawares; a pitfall; a trapdoor; a door in a loft, allowing pigeons to enter but not leave; a ventilating door in a mine; a lock; a bend in a pipe, esp a drainpipe, to stop the pas-

sage of air or foul gases; a light carriage; a device for throwing up or releasing a ball or clay pigeons; a boxlike stall from which a greyhound is released at the beginning of a race; the mouth; a person who catches offenders; a police officer; a trickery; a bunker or other hazard; drums or other percussion instruments; to catch a trap; to catch a person out with a plan or trick; to act as a trapper. کوڙکو، قاهو، سرڪڻي، ڦندو، قاهي، دام، کوڙکي، قاسائڻ، دام ۾ پکڙڻ، سرڪڻ قاهي، ڦڙڪ، ٽانگو، پوليس وارو، کوڙکي منڊڻ، چرخي، آرٽي، ڪنهن ماڻهوءَ کي ڦاسائڻ لاءِ ٺاهيل کيڏ، اهڙو دروازو يا لنگهه جنهن مان وڃي سگهجي مگر نڪري نه سگهجي، ڪاڻ جو هوا جي اچڻ جو رستو، تالو، دروازو، لڙيءَ جو موڙ يا وڪڙ وارو حصو، بدبودار هوا کي خارج جو نظام، هلڪي گاڏي، (نشان بازيءَ لاءِ) مٽيءَ جا ڪبوتر چڙهڻ وارو اوزار، ڪتن کي ڊوڙ کان اڳ رکڻ واري پيٽي يا دٻو، ڏوهارين کي پڪڙڻ وارو، اٽڪل، لڳيءَ جو ٺاهه، بند، روڪ جو نظام، دهل، طبلو، نغارو، ڍولڪي ۽ ٻيا اهڙا ساز، ڪنهن کي حرڪت ڪندي پڪڙي وٺڻ، پڪڙڻ جو ڪم ڪرڻ.

trap[2] (ٽرئپ) **n.** any dark fine-grained columnar igneous rock (lying often in steps or terraces). ڪاري رنگ يا وارياسي پٿر جي سر يا ٽڪر، پٿر جو ڏاڪو.

trap[3] (ٽرئپ) **n.** a ladder leading to a loft; a flight of steps. مٿي ويندڙ ڏاڪڻ جو ڏاڪو، ڏاڪڻ.

trap[4] (ٽرئپ) **n, vt.** personal luggage or belongings; a horse cloth; to caparison, deck with trappings. ذاتي سامان يا ملڪيت، گهوڙي جو سنج، زين پوش، سانج، غاشو، سنجن سان سينگارڻ.

trapan (ٽرپئن) **vi.** to ensnare. کوڙڪيءَ ۾ ڦاسائڻ، جهلڻ، پڪڙڻ، منڊڻ.

trap-door (ٽرئپ ڊور) **n.** a door set in a floor, stage or ceiling, esp one flush with its surface. زمين يا ڇت ۾ لڳل اهڙو در يا طاق جيڪو جُدا نظر نه اچي.

trapdoor spider (ٽرئپ ڊور اسپائيڊر) **n.** one that makes a lair in the ground and covers it with a hinged door composed of earth and silk. ڪوريئڙو جيڪو زمين تي جاءِ ٺاهي ان مٿان چار ۽ مٽيءَ جو تهه وجهي ان اندر رهي، ڦندي وارو چارو ٺاهڻ وارو ڪوريئڙو.

trapeze (ٽرپيز) **n, vi.** a swinglike apparatus used by acrobats, consisting of one or more crossbars suspended between two ropes; a device attached by a line to the masthead of a light sailing boat, allowing a crew member to sit almost completely out of the boat; to perform or go on a trapeze. جهولو، پينگهه، ڏولي، ننڍي ٻيڙيءَ جي مستول سان ٻڌل هڪ پرزو، جهولي ۾ وهڻ، پينگهه ۾ لڏڻ، تارن يا رسين تي لڙڪيل جهولي تي جهولڻ.

trapezium (ٽرپيزيم) **n.** any quadrilateral that is not a parallelogram; one with one pair of a parallel sides; one with no sides parallel; a bone of the wrist articulating with the thumb metacarpal. ٽراپيزيم شڪل، ابتي شڪل، اهڙي شڪل جنهن جا صرف ٻه پاسا سنوت ۾ هجن، جنهن جا چارئي پاسا مختلف هجن، ڪرائيءَ جي هڪ هڏي، ڪرائيءَ جو آڱوٺي جي سنڌ وارو هڏو.

trapezius (ٽرپيزيس) **n.** (either of two triangular halves of) a large, flat, quadrilateral-shaped muscle extending up the thoracic spine to the neck, and across the back of the shoulders, that draws the head and shoulders back (ڪن ٻه ٽن ڪنڊن جسمن سان) هڪ سڌو ۽ چوطرفو مشڪي پٺو جيڪو ڪنڌي جي هڏي ۽ ڪچيءَ جي مشڪ سان جڙيل آهي (جنهن ڪري مٿو ۽ ٻانهون پوئتي ورائي سگهجي ٿي) ، ڪنڌ ۽ پٺيءَ جي هڪ مشڪ جو نالو.

trapezohedron (ٽرپيزو هيڊرن) **n.** a solid figure whose faces are trapezia or trapezoids. ابتي شڪل مجسمو، گهڻ شڪل مجسمو.

trapezoid (ٽرپيزائڊ) **n, adj.** a quadrilateral with no sides parallel; one with two sides parallel; a bone of the wrist next to the trapezium.. ابتي شڪل نما، ڪرائيءَ جي هڪ هڏي.

trap-fall (ٽرئپ فال) **n.** a trapdoor that gives way beneath the feet; a pitfall. اهڙو لڪل لنگهه جو جڏهن ان تي پير پوي ته پاڻ مرادو هيٺ هليو وڃي، ڪري پوڻ، چور کڏ.

trapper[1] (ٽرئپر) **n.** one who traps animals for their furs; a person, orig a boy, who minds a mine trap; a horse for a trap. جانورن کي کوڙڪيءَ رستي ڦاسائيندڙ شڪاري، سواريءَ جو گهوڙو، دام جو سنڀاليندڙ، ڦاسائيندڙ، ماري، شڪاري، کوڙڪي وجهندڙ.

trapper[2] (ٽرئپر) **n.** a covering, either protective or use in battle or decorate, worn by a horse. گهوڙي جي اهڙي سنجت جيڪا زره جو ڪم ٻه ڏئي.

trappings (ٽرئپنگس) **n.pl.** characteristic accompaniments, adornments, paraphernalias (of office); ornaments, esp ceremonial harnesses for horses; gay, colourful clothes. سينگار جو سامان، مٿان وجهڻ وارا ڪپڙا، گهوڙي جي سهڻي سنجت، رنگين ڪپڙا، پنج سنجي آرائش، ساز سامان، آرائشي زيور، ڳهه ڳٺا.

Trappist (ٽرئپسٽ) **n, adj.** a Cistercian monk, noted for its austerity and rule of silence. هڪ مذهبي فرقي جا راهب جيڪي سادي رهڻي رهن ۽ گهٽ ڳالهائيندا آهن.

traps (ٽرئپس) personal belongings; baggage.ٽپڙ ٽاڙي، ڏامڙا ڪامڙا، ڪپڙا لٽا، خانگي ضرورت جو سامان، ذاتي ضرورت جون شيون.

trap-shooting (ٽرئپشوٽنگ) **n.** clay pigeon shooting.مٽيءَ جي ڪبوترن سان نشاني بازي سکڻ، مشق ڪرڻ.

trapunto (ٽرپنٽو) **n.** an Italian type of quilting done by stitching the design through two layers of fabric, and inserting wadding between the threads of the back layer.اٽليءَ جي سوڙ ٺاهڻ جو نمونو، اٽليءَ جي ڪپهه ڀريل سوڙ يا پٽڙي.

trash[1] (ٽرئش) **n, vt.** anything worthless or of poor quality; scraps; rubbish, refuse; loppings of tress; broken pieces; rubbish; refuse; a receptacle for rubbish; nonsense; paltry stuff; worthless people; poor whites, esp in southern US; a worthless person; broken twigs, hedge-cuttings, splinters; dry sugar-cane refuse; to remove the outer leaves and branches from sugar cane; to lop the tops from; to discard, reject, expose or criticize as worthless; to wreck or vandalize.گند ڪچرو، ڪک پن، ڪچرو، ڪک ڪچر، گاهه گند، ڪن سن، الا گند، معمولي چيز، گند ڪچرو رکڻ وارو ٿانءُ، اجايون شيون، بيڪار ۽ نڪما ماڻهو، سيچو انگريز، پڳل شيون، ڪٽيل شاخون، ڪمند جو ڦوڳ، ڪمند جا چلر ۽ گاهه، چوٽيون ڇانگهڻ، ڦٽي ڪرڻ، استعمال کان خارج ڪرڻ، چٽي تنقيد ڪرڻ، لوڪ بازي ڪرڻ، چوهه چندڻ، اجايو ڪري سمجهڻ، پيڻ پورڻ، ٽوڙي ڇڏڻ، ناس ڪرڻ، تباهه ڪري، ڦري ناس ڪرڻ.

trash[2] (ٽرئش) **vt, n.** to check; to restrain with a leash; a leash or other restraint.روڪڻ، بندڻ، رسيءَ سان ٻڌڻ، رسي، زنجير، ڪنهن به قسم جي روڪ يا بندش.

trash[3] (ٽرئش) **vt, vi.** to wear out, to harass; to trudge..ڳارڻ، هجائڻ، دق ڪرڻ، هلاڪ ڪرڻ، ڪپائڻ، ستائڻ، ريڙائڻ، پائي ڪڻڻ، ڪٽي ڏيڻ، گهندو هلڻ، ترڻ.

trashcan (ٽرئش ڪئن) **n.** a receptacle for refuse.گند رکڻ جي ٺوڪري.

trash farming (ٽرئش فارمنگ) **n.** a method of cultivation in arid regions of N America in which waste plant material from crops is left on or near the surface of the soil to inhibit erosion and enrich the soil.گند ڪچري واري کيتي، ڪک پن واري کيتي، اهڙي پوک جنهن جي ڪَچي وِچڻ ڪاڻپوءِ به فصل جو وڏو حصو زمين ۾ پيو رهي ته جيئن زمين کي کاڌ کان بچائي سگهجي.

trashman (ٽرئش مئن) **n.** a dust man, refuse collector. گند ڪچرو ميڙيندڙ، ڀنگي، صفائيءَ وارو، ٻهاريدار، جمعدار.

trashy (ٽرئشي) **adj.** like trash; worthless, of poor quality..بيڪار شيون، گند ڪچرو، تمام ساديون سوديون شيون، نڪمو، ردي، ناڪار، ذليل، ناڪارو.

trass (ٽرئس) **n.** an earthy volcanic tuff used as a hydraulic cement.زميني مادو جيڪو برندڙ جبل جي ڦاٽڻ وقت زمين مان نڪتو هجي، سيمينٽ جو هڪ قسم.

trattoria (ٽراٽاريه) **n.** an Italian restaurant.اٽليءَ جي هڪ ننڍي هوٽل.

trauchle (ٽراهل) **vt, vi, n.** to bedraggle; to weary or overburden with drudgery or plodding; to drudge; to trail along; a troublesome task; drudgery.تمام گهڻو ڪم وٺڻ، ٿڪائڻ، هجائڻ، ڪپائڻ، اجائي سجائي ڪم پٺيان هلاڪ ڪرڻ، ڏکيو ڪم وٺڻ، محنت ڪرائڻ، ڪشالو ڪرائڻ، محنت، مشقت، ڪشالو، تڪليف.

trauma (ٽراما) **n.** a wound; an injury; an emotional shock that may be the origin of a neurosis; the state or condition caused by a physical or emotional shock.زخم، صدمو، جراحت، جذباتي صدمو جنهن جي ڪري ماڻهو دماغي طور پريشان ٿئي، ذهني يا حادثاتي صدمو.

trauma centre (ٽراما سينٽر) **n.** a centre or hospital specifically for the treatment of trauma victims.حادثن جي مريضن جي علاج واري اسپتال، ذهني صدمن جي علاج جو مرڪز.

traumatic (ٽرامٽڪ) **adj.** relating to, resulting from or causing, wounds; of or causing a lasting emotional shock; (loosely) frightening, unpleasant..جراحتي دوا، زخم جي دوا، ملم پٽي، سار سنڀال، حادثي ڪري رسيل زخم، ذهني صدمو رسائيندڙ (سبب)، ڊيڄاريندڙ، نه وڻندڙ.

traumatism (ٽرامٽزم) **n.** a condition caused by a wound, shock; an injury or wound. زخم يا صدمي ڪري ٿيل حالت، زخم، ڦٽ.

traumatize (-ise) (ٽرامٽائز) **vt.** to inflict a mental or physical trauma on.ڪنهن کي جسماني يا ذهني صدمو رسائڻ.

traumatology (ٽرامٽولاجي) **n.** the study of wounds and of the effects of injuries.زخمن جو علم، زخمن جي اثر جو اڀياس، حادثن ۾ زخمي ٿيلن جو اڀياس.

travail (ٽرئويل) **n, vi.** excessive labour; toil; childbirth; travel; to labour; to suffer the pains of childbirth; to travel..ويم جو سور، وضع حمل، سور کائڻ، ڳهڻ، لوڙڻ، جفا ڪشي، سخت ڪشالو، ڪشالو ڪرڻ، محنت ڪرڻ، مسافري ڪرڻ.

travailed (ٽرئويلڊ) **adj.** toilworn; wearied; experienced, having been in travail..جفاڪشيءَ ڪري ختم ٿيل، ڳريل، هجيل، تجربيڪار، سورن ۾، ڏکن ۾، تڪليف ۾، ويم جا

سور ڪائيندڙ.

trave (ٽريو) **n.** a beam or shaft of a cart; a frame in which to shoe a fractious horse.گاڏيءَ جي شافٽ يا سرائي، ڏري، فريم جنهن ۾ مچريل گهوڙي کي بند ڪجي.

travel (ٽرئول) **vi, vt.** to journey; to be capable of withstanding a journey; to go; to go round as a salesman soliciting orders; to go on circuit; to move along a course; to go with impetus; to pass; to move; to walk; to travail; to journey over or through; to conduct or send on a journey.گهمڻ. سفر ڪرڻ. مسافري ڪرڻ. ملڪ گهمڻ. اجهاڳ. اجهاڳو. ڪه. مسافري. سفر. هلڻ. مقرر رستي تان هلڻ. گهر گهر وڃي سامان لاءِ گراهڪ ڳوليندڙ دڪاندار يا ڪارندو. ضرورت هيٺ مسافري ڪرڻ. ڪشالو ڪرڻ. (تان يا سان) مسافري ڪرڻ. مسافريءَ تي موڪلڻ. سفر لاءِ روانو ڪرڻ.

travel agency (ٽرئول ايجنسي) **n.** an agency which provides information, brochures, tickets, relating to travel.سفر ڪرڻ. يا ملڪ گهمڻ لاءِ معلومات مهيا ڪندڙ ۽ بندوبست ڪندڙ خانگي ادارو.

travelled or **traveled** (ٽرئولڊ) **n, adj.** journeying; impetus; power of going; range of movement; passage; an account of journeys; travail; having made journeys; experience; (of road) beaten, frequented; (of rock or earth) transported, not in its original place..ملڪ گهميل (مائهو). رليل پنيل. چڙهتي. تحريڪ. ويگ. زور . هلڻ جي قوت . ڦرڻ گهرڻ جي حد. مسافريءَ بابت ڪهاڻيون. سفر نامو. تجربو. واقفيت. (رستو) تمام گهڻي استعمال هيٺ. (مٽي يا پٿر) ٻاهران آندل. غير مَقامي.

traveller (ٽرئولر) **n.** one who travels or has travelled; a wayfarer; one of the travelling people; a salesman who travels for a company; a ring that slides along a rope or spar; a piece of mechanism that moves on a gantry.سٺلاڻي. مسافر. پانڌيئڙو. ڪنهن اداري طرفان شين جي وڪري خاطر مسافري ڪندڙ. ڏوريءَ يا سيخ ۾ پيل چلو. خانن واري ڪٻٽ جو تڪستات.

traveller's cheque (ٽرئولرز چيڪ) **n.** a bank cheque which can be cashed at any foreign branch or specified agent of the bank issuing it.بئنڪ طرفان جاري ڪيل چيڪ جهڙو ڪاغذ جنهن کي ساڳي بئنڪ جي ڪنهن ٻي شاخ يا مختلف ملڪن ۾ متائي سگهجي.

traveller's joy (ٽرئولرز جواءِ) **n.** a climbing plant, sometimes called old man's beard.ول جو قسم. سنهي تاندوري شاخن واري ول.

traveller's tale (ٽرئولرز ٽيل) **n.** an amazing account, esp an untrue one, about what one professes to have seen abroad.(خاص مسافريءَ جا عجيب ۽ غريب قصا ڪري ڪوڙا يا هٿ ٺوڪيا قصا). ٻاهرين ملڪن بابت عجيب ڪهاڻيون.

traveller's tree (ٽرئولرز ٽري) **n.** a Madagascan tree of the banana family with great leaves on two sides only, accumulating water in the leaf-bases. ميڊاگاسڪن جو ڪيلي جي جنس جو وڻ.

travelling allowance (ٽريولنگ الائونس) **n.** expenses paid to a person who travels on behalf of an organization or person or in discharge of his duty. سفر جو خرچ. سفري ڀاڙو ۽ ڀتو جيڪو ڪنهن کي سرڪاري ڪم يا ڪنهن ٻئي جي ٻاران مسافري ڪرڻ جي صورت ۾ ادا ڪيو وڃي.

travelling folk or people (ٽرئولنگ فوڪ آر پيپل) **n.** the name by which itinerant people often call themselves, in preference to the derogatory names gipsies or tinkers..مسافر. راهي. سٺلاڻي. پانڌيئڙو. واٽهڙو. رولو. خانہ بدوش رولاڪڙ. رولاڪ. گهوماڪڙ.

travelling-wave tube (ٽرئولنگ ويو ٽيوب) **n.** a device used in communications for increasing signal power, amplification being produced by interaction between a wave of radio frequency travelling on a wire helix and an electronic beam travelling to roughly the same velocity inside the helix.مواصلاتي نظام ۾ ڪم ايندڙ اوزار جنهن رستي آواز يا اشاري جي قوت کي وڌايو ويندو آهي. اهڙي قسم جو سرشتو يا نظام.

travelogue or **travelog** (ٽرئويلاگ) **n.** a talk, lecture, article, or film on travel.سفر نامو. سفر تي مبني فلم يا مضمون.

travel-sick (ٽرئول) **adj.** suffering from travel sickness. مسافريءَ جي ڪري بيمار. ٿڪل.

travel-sickness (ٽرئول سڪنيس) **n.** nausea experienced, as a result of motion, by a passenger in a car, ship, aircraft, etc.مسافريءَ دوران گاڏيءَ. بحري يا جهاز ۾ الٽيءَ جي تڪليف. ڪڍ ڪرڻ محسوس ڪرڻ. دل ڪچي ٿيڻ. قيءِ ڪرڻ. مسافريءَ جي بيماري.

traversal (ٽرئورسل) **n.** the action of traversing..ترچائپ. ٽيڏائپ.

traverse (ٽرئورس) **adj, n, vt, vi.** something that is transverse; cross; oblique; a crossing or passage across; a straight length in a zigzag course; a passage across the face of a rock; the zigzag course of a sailing vessel tracking; a survey by measuring straight lines from point to point and the angles

between; anything set or lying across, a cross-piece; an obstruction; a parapet; adversity; a curtain, screen, partition; a barrier; a gallery from one side of a large building to another; a screened-off compartment; a denial or contradiction, the formal denial of a fact alleged by the other side; an opposing, counteracting movement; to cross; to pass through; to deny, contradict; to turn sideways; to make a traverse; to direct a gun to the right or left.ترڇو، افقي، آڏو ليٽيو، آرضي، آر پار، سنگت. ڇڇو، اڙ، آڏو رکڻ، جهاڳڻ، (پنڌ) ڪٽڻ، مارڻ، ڦنابون چڪڻ. منجهان لنگهڻ، سمورو نظر مان ڪڍڻ، جاچڻ، انڪار، آڏو ڦرڻ يا لنگهڻ، جبل جو لڪ، لنگهه، سروي ڪرڻ جو طريقو، افقي پيهڪ. روڪ، رَنڊڪ، بندش، جهل ديوار، پردي، اولو، پلويڙو، ڪنگرو، مخالفت، پردو، اڙ، لوڙهو، حد، سرحد، رڪاوٽ، واڙو، بن عمارتن کي ڳنڍيندڙ پيچرو يا مٿاهون لنگهه، پردو ڏئي جدا ڪيل جاءِ، انڪار، انڪار ڪرڻ، رد دعوي، مخالف زور، مخالف دٻاءُ، لنگهي وڃڻ، ٽپي وڃڻ، پاسن طرف وڃڻ، پاسو ڏئي لنگهڻ، (توب يا بندوق کي) کابي يا ساڄي هلائڻ.

traverser (ٽرئورسر) **n.** a person who traverses; a platform for shifting wagons and carriages sideways.لنگهندڙ ماڻهو، پاسو ڪندڙ، اهڙو نظام جنهن رستي گاڏا يا گاڏيون پاسن تي ڪري رکجن.

traversing bridge (ٽرئورسنگ) **n.** one that can be withdrawn horizontally.اِهڙي پل جيڪا پاسي تي سرڪائي سگهجي، سرڪي ويندڙ پل.

travertine (ٽرئور ٽائن) **n.** a pale limestone deposited from solution from springs. لڪير دار سنگ مرمر.

travesty (ٽرَئوِسٽي) **n, vt.** burlesque, parody; a ridiculously inadequate representation (of something); disguise, esp of a man as a woman or vice versa; to burlesque; to disguise.کل جهڙو نقل، چرچي جهڙي شڪل يا بيان، لِڪ، چمڙا پوشي، مخالف جنس جو ويس ڪرڻ، ويس مٽائڻ.

travesty role (ٽرئوسٽي رول) a role intended to be taken by a performer of the opposite sex to that of the character (Fr).اهڙو ڪردار جيڪو اصل جي مخالف جنس طرفان ادا ڪيو وڃي (يعني مرد جي جاءِ تي عورت طرفان ۽ عورت جي جاءِ تي مرد طرفان).

travois or **travail** (ٽرا ووئي) **n.** a kind of N American Indian sledge, a pair of trailing poles attached to each side of the saddle, joined by a board or net. پينگهو، جهولو، ڄاريءَ وارو پينگهو، لاڏندڙ کٽولو.

travolator or **travelator** (ٽرئووليٽر) **n.** a moving footpath for the conveyance of pedestrians..هلندڙ رستو. بجليءَ رستي هلندڙ پٽو جنهن تي ماڻهو بيهي اڳتي هليو وڃي.

trawl (ٽرال) **n, vt, vi.** an open-mouth bag-net for dragging along the sea bed; a trawl-line; an act of trawling; to drag, as a net; to catch or fish with a trawl or a seine-net; to search over, comb, investigate thoroughly, in order to gather information; to look for something (eg a suitable person for a post) by gathering suggestions from various sources..ڄاري، ڄار، رڇ، دام، ڦندو، مڇيءَ جي ڄاري، ڏانءُ، ڀَنُ. مڇيءَ پڪڙڻ جي ڏوري، ڄاريءَ يا رڇ رستي مڇي پڪڙڻ، مڪمل طور ۽ چڱي ڳولا ڪرڻ، معلومات ڪٺي ڪرڻ، ڪنهن شيءِ جي ڳولا ڪرڻ، مناسب ماڻهوءَ جي ڳولا ڪرڻ، پڇا ڳاڇا ڪرڻ.

trawler (ٽرالر) **n.** a trawling or fishing-vessel; one who trawls.ڀَن ڇڪيندڙ، ڀَن واري ٻيڙي، رڇ واري ٻيڙي، مهاڻن جي ٻيڙي، مهاڻو، ميربحر، ڄار رستي مڇي پڪڙيندڙ.

trawlerman (ٽرالر مئن) **n.** a person who mans a trawler. مهاڻو، ميربحر، خلاصي، مڇي پڪڙيندڙ.

trawl-fish (ٽرال فش) **n.** fish caught with a trawl.رڇ رستي پڪڙيل مڇي، ڄاريءَ ۾ ڦاسايل مڇي.

trawl-line (ٽرال لائين) **n.** a buoyed line with baited hooks at intervals.ڏوري جنهن ۾ مختلف هنڌن تي ڄاري پريل مَڪَ لڳل هجن.

tray (ٽري) **n.** a flat board, with a low rim, used for carrying articles of cookery; a tray of food, esp instead of meal at table..تس، ٿالهه، طشتري، ٿاڌ، ٿالوڙو، طباق، ٽرائي، هيٺاهين، خوانچو، ٿيلهي، لَڱَنْ، خومچو، طبق.

traytrip (ٽري ٽرپ) **n.** a game played with dice.ڇڪي واري راند، لوڊو.

treacher or **treachour** (ٽريچر) **n.** a deceiver by trickery; a betrayer; a traitor..ٺڳ، الڪل باز، دغاباز، دوکي باز، ٻوهي، ڦورو، باغي، غدار، راڄ ٻوهي، بي وفا، يار مار.

treacherous (ٽريچرس) **adj.** ready to betray; guilty of treachery; faithless; traitorous; not to be trusted; misleadingly inviting in appearance.بي وفا، يارمار، راڄ ٻوهو، نمڪحراميءَ جو، غدار، دغاباز، دوکي باز، ليائيندڙ.

treachery (ٽريچري) **n.** betrayal; violation of allegiance or of faith; perfid; readiness to betray; falseness; treason. نمڪ حرامي، يار ماري، ويساهه گهاتي، بي ايماني، دغابازي، غداري.

treachetour (ٽرچ ٽوئر) **n.** a deceiver; a traitor.ٺڳ، بي ايمان، دغاباز، غدار، نمڪ حرام، يار مار.

treacle (ٽرِيڪل) **n, vt, vi.** the dark, viscous uncrystallizable syrup obtained in refining sugar; molasses,

the drainings of crude sugar; blandishments, when suggestive of the cloying and nauseating taste and thickness of treacle; intolerable sentimentality; an antidote or prophylactic against bites, poisons; to dose or smear with treacle; to treacle trees in order to collect moths..مَستي، ڳڙ، کهالي رس، مناڻي، شِيرو، رب، ڳڙ جي مناڻي، وڻ جي چاس وارو پاڻيٺ جنهن مان مناڻ ملي ٿو. تمام گهڻو جذباتي لڳاءُ، چَڪَ يا زهريلي جانور جي ڏنگ خلاف علاج يا ترياق، شيرو ملائڻ، مٺو ڪرڻ، وڻ کي شيرو هڻي پتنگ يا پروانا ۽ ٻيا جيت پڪڙڻ.

treacle mustard (ٽريڪل مسٽرڊ) **n.** the cruciferous plant Erysimum cheiranthoides.شيريدار ٻوٽو، کهالي رس. ڏيندڙ وڻ.

tread (ٽريڊ) **vi, vt, n.** to set foot on the ground or down; to step; to walk with a measured step; to trample; (of a male bird) to copulate; to walk on; to press with the foot, in threshing or pressing grapes; to trample, rush with the feet; to beat or form a path; to perform by treading, dance; to oppress; the act or manner of treading; a step or tramp; a thing or part trodden on; the part that couches the ground on a shoe or a wheel; (the thickness of) the moulded ridged rubber surface of a pneumatic tyre, which has contact with the road; a footprint; a track; the distance between wheels or pedals; the cicatricula, or the chalaza, of an egg; business, trade..ڳاهڻ، لتاڙڻ، ڪچلڻ، پير رکڻ، هلڻ، چال، قدم، آهٽ، لتوڙڻ، پير ڏيڻ، لتون ڏيڻ، (پکيءَ جو) لڳ ڪرڻ، (پيچري تان) هلڻ، (قدم) کڻڻ، پامال ڪرڻ، (اَن) ڳاهڻ، دٻڪو، لڳ، (ڏاڪڻ جو) هيٺيون ڏاڪو، (انگورن کي) پيرن سان لتاڙڻ، هلي هلي رستو ٺاهڻ، لنگهه ڪرڻ، هلي ڪري ڏيکارڻ، نچڻ، ڪڏڻ، ٽپڻ، هلاک ڪرڻ، بيزار ڪرڻ، تنگ ڪرڻ، هلڻ جو ڍنگ، چال، اهڙي شيءِ جنهن کي لتاڙي وڃجي، ٽائرجو ربڙ لڳل ٿلهو حصو، رستي کي لڳڻ وارو ٽائر جو حصو، پير جو نشان، پنڌ ڪرڻ، ڦيٿن يا پيڊل جومفاصلو، بيضي جو ڪوپو، ڌنڌو، واپار، ڪرت، ڪسب.

treadle or treddle (ٽريڊل) **n.** a foot-lever for working a machine; a pedal; the chalaza of an egg (once thought to be derived from the cock)..پيري، پيرانگهو، چاپٽو، پير سانچو، پير دٻاءُ ڪل، ڪل جو پير دٻاءُ، ڪل جو پرزو جنهن کي پير سان هلائيو آهي.

treadmill (ٽريڊ مل) **n.** a machine with a continuously moving surface of adjustable speed used for exercising on by running or walking; a cylinder turned by treading on boards on its outside, as formerly by prisoners; a mill so worked; routine drudgery.پير چڪي، پيرن واري چڪي، اِهڙي مشين جنهن تي بيهي ڊوڙڻ جي ورزش ڪري سگهجي، دستور العمل، نيم، محنت، ڪشالو، مزوري، پورهيو، چاڪري.

treadwheel (ٽريڊ ويل) **n.** a wheel or cylinder turned by treading outside or inside; a treadmill..پير ڦيٿو، چڪيءَ جو پيرن سان هلائڻ وارو ڦيٿو، پير چڪي.

tread water (ٽريڊ واٽر) **vt.** to float upright by an action as if of climbing a ladder.پاڻيءَ تي ترڻ جو اِهڙو طريقو جيئن ماڻهو ڏاڪڻ تي چڙهندو هجي، سنئون سڌو ٿي پانهن سان ترڻ.

treague (ٽريگ) **n.** a truce.وقتي، مهلت جنگ، ڪچو صلح، ٺاهه، يا عارضي جنگ بنديءَ وارو وقت.

treason (ٽريزن) **n.** a betrayal; betraying of the government or an attempt to overthrow it; breach of allegiance; treachery; disloyalty..راڄ ڊوهه، خيانت، بغاوت، نمڪ حرامي، ڊوهه، بي وفائي، غداري، سرڪار جي بد خواهي، قانوني طور قائم حڪومت سان سرڪشي ڪرڻ، ان جي مقابلي ۾ اچڻ، جنگ جهڙو قدم کڻڻ، يا اهڙي جنگ ۾ مدد ڪرڻ.

***constructive* treason** (ڪنسٽرڪٽو ٽريزن) **n.** anything that may be interpreted as equivalent to actual treason by leading naturally to it. اهڙو عمل جنهن کي بغاوت ڪري سمجهيو وڃي.

***high* treason** (هاءِ ٽريزن) **n.** any of several offences against the state or the sovereign. بغاوت، راڄ ڊوهي، نمڪ حرامي، سنگين ڊوهه، غداري بادشاهه يا حڪومت خلاف صف آرا ٿيڻ يا حاڪم کي قتل ڪرڻ جو منصوبو ٺاهڻ.

***petty* treason** (پيٽي ٽريزن) **n.** the murder of a husband by a wife, a master by a servant etc.زال طرفان مڙس جو گهات، نوڪر طرفان مالڪ جو قتل يا خون.

treasonable (ٽريزنبل) **adj.** pertaining to, consisting of or involving treason.راڄ ڊوهه جو يا ان بابت، بغاوت جهڙو عمل، غداريءَ وارو، باغيانه.

treason felony (ٽريزن فيلني) **n.** any of several offences which ceased to be considered to be a full-blown act of treason.اِهڙي، اِهڙو عمل جنهن مان بغاوت جي بوءِ اچي، سڌ جنهن کي بغاوت سمجهيو وڃي.

treasure (ٽريزر) **n, vt.** wealth stored up; riches; anything much valued; a valued, indispensable servant, helper; to hoard up; to collect for future use; to value greatly; to enrich.خزانو، گنج، ذخيرو، ملڪيت، مال مٺيو، جالي شيءِ، جالي ماڻهو، لاکيڻو مڙس، دفينو، گپت ڌن، قدر ڪرڻ، قيمتي ڄاڻڻ، (دل ۾) سانڍي رکڻ، جهجهائي، شاهوڪار ڪرڻ، پئسو ميڙڻ، آئيندي جي استعمال لاءِ گڏ ڪرڻ، ميڙڻ.

treasure-chest (ٽريزرچيسٽ) **n.** a box for keeping articles of value. خزاني جي پيٽي، تجوڙي.

treasure-city (ٽريزر سٽي) **n.** a city for stores. دڪانن وارو شهر، واپاري مرڪز.

treasure-house (ٽريزر هاوس) **n.** a house for holding treasures; a treasury; a store of valuable things. خزانو، قيمتي شيون رکڻ واري جاء

treasure hunt (ٽريزر هنٽ) **n.** a hunt for treasure; a game in which competitors attempt to win a prize by being first to complete a course indicated by clues which have to be solved. خزاني جي ڳولا ڪرڻ. هڪ راند جنهن ۾ سڀ کان اڳ ۾ مڪمل ڪرڻ وارو ڪٽي ويندو آهي.

treasure-trove (ٽريزر ٽرو) **n.** ownerless objects of intrinsic or historical value found hidden (in England gold and silver only), property of the crown. دفينو، گپت ڌن، لاوارث حالت ۾ ملندڙ دفينو (جنهن جي مالڪ سرڪار ٿيندي آهي)، دفن ٿيل خزانو، هٿ آيل خزانو.

treasurer (ٽريذرر) **n.** a person who is in charge of a treasure or treasury; a person who is in charge of collected funds. خزانچي، پئداري، پئسن جي سنڀال وارو عملدار.

treasury (ٽريزري) **n.** a place where treasure is deposited; a department of a government which has charge of the finances; خزانو، سرڪاري خزانو، مخزن، گنجينو، ڌن، دولت، سرڪاري نائو.

Treasury bench (ٽريزري بينچ) **n.** the front bench on the Speaker's right in the House of Commons, occupied by the members of the government. (پارليامان ۾) اسپيڪر جي سامهون سڄي پاسي تي وهندڙ حڪومتي پارٽيءَ جا ميمبر، ساڄي ڌر وارن جي وهڻ واري جاء، حڪومتي ڌڙي جي وهڻ واري جاء.

Treasury bill (ٽريزري بل) **n.** a security entitling the holder to a stated amount to be paid from the Consolidated Fund at a specified date. (پارليامان ۾ پيش ڪيل) خرچ جو قانون، ناڻي بابت قانون.

Treasury note (ٽريزري نوٽ) **n.** a currency note issued by the Treasury. سرڪاري نوٽ، سڪو رائج الوقت، گردش ڪندڙ سڪو.

treasury tag (ٽريزري ٽئگ) **n.** a short piece of cord with a metal tag at each end, for holding papers together. ڪاغذن کي گڏ رکڻ لاء لوهي ڪنارين وارو ڌاڳو يا ڏورو.

treat (ٽريٽ) **vt, vi, n.** to handle; to act towards; to deal with; to discuss; to behave towards; to act upon; to deal with the case of; to deal with illness or a sick person by applying remedies; to subject to a process; to stand a drink or other gratification to; to negotiate; to deal with; to stand treat; a free entertainment, pleasure excursion or feast; a turn or act of providing and paying; a source of great gratification; negotiation, parley. علاج، ورتاءُ ڪرڻ، سلوڪ ڪرڻ، دعوت، نعمت، مهماني، محفل، تماشو، راڳ روپ، ملائڻ، (سان) هلڻ، ورتڻ، چرچو ڪري ليکڻ، ڪارائڻ پيارڻ، پيش اچڻ، خاطر داري ڪرڻ، علاج ڪرڻ، دوا درمل ڪرڻ، تحرير ڪرڻ، صلح بابت ڳالهيون ڪرڻ، (بابت) ڪٿي چوڻ، ڪاڏي پيتي تي راضي ڪرڻ، مفت ۾ کارائڻ، خوش ڪرڻ، راضي ڪرڻ.

treatable (ٽريٽبل) **adj.** able to be treated; tractable, moderate. علاج ڪرڻ جهڙو، سئي سڀاء وارو، درمياني طبيعت جو، مڙندڙ، راضي ٿيندڙ.

treating (ٽريٽنگ) **n.** act of one who treats; bribing voters with meat or drink. خدمت ڪارائيندڙ ۽ پيارينداڙ، چاڪري ڪندڙ، تماشو ڏيکارڻ، خيانت ڪرڻ، خاطرداري ڪندڙ، اليڪشن ۾ ووٽرن کي کاڌو، راشن يا گوشت وغيره مفت ۾ ڏيندڙ يا ورهائيندڙ.

treatise (ٽريٽائز) **n.** a written composition, esp one treating a subject formally or systematically. رسالو، پستڪ، ليک، پرسنگ، ڪتاب، گرنٿ، ليک جو جواب، ترتيب وار لکڻ، نسخو، مختصر ڪتاب.

treatment (ٽريٽ مينٽ) **n.** act or manner, or an instance, of treating; management; usage; behaviour to anyone; a draft of a screenplay, including camera angles, descriptions of sets. علاج، دوا، ٻڪي، دارون، دوا درمل، ورتاءُ، شفا، هلت، ورتاءُ، سلوڪ، عمل، ورتي، ورتڻ، آدرسڪار، ڊرامي لاء لکيل هدايتون (طور طريقا جنهن مطابق آهو تيار ڪيو ويندو).

treaty (ٽريٽي) **n.** negotiation; a formal agreement, esp between two or more states; any of several formal agreements. صلح نامو، عهد نامو، سَنڌي پٽر، عهد، سَنڌي، نامه، ڳالهه ٻولهه، قول و قرار، راضي نامو، ميثاق، سمجهوتو، معاهدو.

treaty money (ٽريٽي مني) **n.** entreaty. منٿ، وينتي، ليزاري، التجا، التماس، درخواست.

treaty port (ٽريٽي پورٽ) **n.** a port, esp in China opened by treaty to foreign trade. چين تي اهڙو بندرگاهه جنهن تي ناهه رستي مختلف ملڪن جا بحري جهاز لنگر ڪري سگهن ٿا.

treble (ٽريبل) **adj, n, vt, vi.** triple; threefold; in the treble; high-pitched; that which is triple of threefold; three times as much; the highest part, sopra-

no, a treble singer, voice, instrument, string, sound; high-frequency sound as output from an amplifier; the narrow inner ring on a dart board or a hit on this; a bet involving three horse-races.ٽيڻو. ٽيڻ، ٽيڻون ڪرڻ، ٽيهر، ٽي دفعا وڌيڪ حصو، ٽيون حصو، وڏو آواز، وڏي آواز واري موسيقي، وڄت، راڳ، ڳالهه، گهوڙن جي ٽن ڊوڙن تي هڪ داءُ هڻڻ، ٽيڻائڻ.

treble chance (ٽريبل چانس) **n.** a mode of competing in football pools in which, in a selection of matches made from a list; the aim is to pick all the draws and all the home and away wins.(فوٽ بال راند تي) جوا جو هڪ طريقو جنهن ۾ مختلف راندين تي هڪ ئي وقت شرط رکي وڃي.

treble clef (ٽريبل ڪليف) **n.** the clef in which the G immediately above middle C is placed on the second line. موسيقيءَ ۾ لکت ۾ آڻڻ جو هڪ طريقو.

treble-dated (ٽريبل ڊيٽيڊ) **adj.** living three times as long as man.ماڻهوءَ جي عمر کان ٽي دفعا وڌيڪ، ٽيڻي عمر وارو.

trebuchet (ٽريبيوشيٽ) **n.** a medieval engine of war for launching stones, etc..پٿر اڇلائڻ واري اڳين زماني جي ڪل، منجنيق.

trecento (ٽريچينٽو) **n & adj.** 14th-century Italian art.چوڏهين صديءَ جو اٽليءَ جو مصوريءَ جو دور، اُن دور جي مصوري.

tre corde (ٽريڪارڊي) a direction to piano players to release the soft pedal (music).(موسيقيءَ ۾) باجو وڄائڻ وارن کي آواز هلڪو ڪرڻ جو اشارو.

tree (ٽري) **n, vt, vi, adj.** a large plant with a single branched woody trunk; timer; a wooden structure or part of various kinds; a saddle-tree; a boot- or shoe-tree; a branching figure or structure, such as an arborescent aggregate of crystals, a branching stand, a pedigree, a branching diagram; a gallows; a cross for crucifixion; to drive into a tree, to corner; to form on a tree; to take refuge in a tree; wooden..وڻ، درخت، شجر، وڻڪار، وڻراهه، وڻ لڙ، جهاڙ (وڻ)، ورڪ، ڪاٺ، ڪاٺ جي ٺاهيل بيهڪ، شاخدار بيهڪ، شيشي جي قلمي بيهڪ، قلمي مادي جي شاخدار حالت، شجري لاءِ ٺاهيل وڻ، مشڪل بيهڪ، ڦاهي، صليب صورت بيهڪ، صليب، وڻ تي ٺاهڻ، وڻ تي چڙهي وڃڻ، وڻ تي لڪڻ، ڇپڻ، ڪاٺائون.

tree-bicycle (ٽري بائيسل) **n.** a mechanical device used for climbing trees.وڻ تي چڙهڻ لاءِ سائيڪل صورت اوزار يا ڪَل.

tree-burial (ٽري بريل) disposal of the dead in the branches of trees. وڻن تي لاش رکي دفن ڪرڻ جو طريقو.

tree-calf (ٽري ڪاف) **n.** a light-brown calf bookbinding, in conventional imitation of a branching tree. هلڪي ناسي رنگ جي چمڙي سان چڙهيل جلد، شجري بيهڪ.

tree creeper (ٽري ڪريپر) **n.** any small N hemisphere bird of the family that runs up tree-trunks in search of insects. وڻن تان جيت ڳولي کائيندڙ پکي.

tree farm (ٽري فارم) **n.** commercially-managed forest or woodland area.وڻڪاري زراعت، وڻڪاري فارم، شجرڪاري، ٻيلا پوکڻ، هڙي رکڻ.

tree fern (ٽري فرن) **n.** a large, tropical fern with a tall woody trunk. بسفائج ٻوٽو، وڏي قد وارو وڻ.

tree frog (ٽري فراگ) **n.** an arboreal amphibian, esp one of the family Hylidae, more akin to toads than to frogs.وڻن ۾ رهندڙ ڏيڏر جو قسم، وڏي قد جو ڏيڏر، خط استوائي بارشن وارن جهنگلن جا سهڻن رنگن واري ڏيڏر، برگي ڏيڏر.

tree hopper (ٽري هاپر) **n.** any of the homopterous leaping insects of the family Membracidae.اڪ مڪڙ جي جنس جو جيت، وڻن ۾ رهندڙ مڪڙ، وڻن تي رهندڙ ٽڏو.

tree-house (ٽري هائوس) **n.** a house built in a tree, esp as a playhouse. وڻ تي ٺاهيل گهر، راند لاءِ وڻ تي ٺاهيل جاءِ.

tree kangaroo (ٽري ڪئنگرو) **n.** a tree-climbing kangaroo. ڪنگرو جنس جو جانور جيڪو وڻ تي چڙهي ويندو آهي.

tree lily (ٽري للي) **n.** a xerophytic treelike plant of the Brazilian campos. برازيل جو وڻ جهڙو ٻوٽو.

tree lined (ٽري لائينڊ) **adj.** (of roads) having trees along either side. وڻڪار وارو رستو، وڻ پوکيل دڳ.

tree mallow (ٽري ميلو) **n.** a treelike plant of the Malvaceae family, having reddish-purple flowers.گلن وارو وڻ شڪل ٻوٽو.

tree moss (ٽري موس) **n.** moss or lichen growing on a tree; a moss like a tiny tree in shape.وڻن تي سينور جو، وڻ شڪل تمام ننڍو ٻوٽو.

treen (ٽريئن) **adj, n.** of a tree; wooden; small articles made of wood, esp eating and drinking utensils of past times; the art of craft of making treenware.وڻ جي باري ۾، ڪاٺ مان ٺهيل ڪا ننڍي يا معمولي شيءِ، اڳين وقت جا ڪاٺ جا ٺهيل ٿانوَ يا برتن، ڪاٺ مان مختلف ٿانو ٺاهڻ جو هُنر، ٻڌ مت وارن جو ڪاٺ مان ٺهيل ٿانون جو استعمال.

treenail or trenail (ٽري نيل) **n.** a long wooden pin or nail to fasten the planks of a ship to the timbers.ڪاٺ جي ميخ، ڪاٺ جي ٻن تختن کي جوڙڻ لاءِ ڪاٺ جي ميخ هڻڻ.

tree onion (ٽري آنين) **n.** a variety of onion with bulbs instead of flowers.بصر جو قسم جنهن ۾ گنڍيون نه پر گل ٿيندا آهن.

tree peony (ٽري پيوني) **n.** a shrub of the family native to China and Tibet, with pale pink flowers, from which many garden varieties have been developed.چين ۽ تبت جو پيلن ۽ گلابي گلن وارو ٻوٽو جنهن مان ڪيترن قسمن جا ٻوٽا تيار ڪيا ويا آهن.

tree rings (ٽري رنگس) **n.** annual rings.وڻ جي ٿڙ ۾ سال دوران واڌ جوتهه يا نشان.

tree shrew (ٽري شريوَ) **n.** a squirrel-shrew, any insectivorous mammal of the E Indian family, squirrel-like animals related to shrews..لوريڙي جهڙو ڪوئو. ڏکڻي سونڊ وارو ڪوئو. ڇڇوندر جي قسم جو ڪئو.

tree-snake (ٽري سنيڪ) **n.** a tree-dwelling snake.وڻ ۾ رهندڙ نانگ.

tree sparrow (ٽري سپئرو) **n.** a small European bird of the sparrow family; a N American finch..جهرڪي، جَهار (پکي)، يورپ، ايشيا ۽ آمريڪا جي گوريا جهرڪي.

tree surgeon (ٽري سرجن) **n.** one who preserves diseased trees by filling cavities, amputating damaged branches, etc.وڻن جو علاج ڪرڻ وارو ماڻهو. وڻن جو طبيب يا ماهر.

tree toad (ٽري ٽاڊ) **n.** a tree frog. وڻ تي رهندڙ ڏيڏر.

tree tomato (ٽري ٽومٽو) **n.** the tamarillo, a S American solanaceous shrub or its tomato-like fruit.ٽماٽي جهڙو ميوو ڏيندڙ ڏکڻ آمريڪا جو وڻ. هملوڪ ميوي جو وڻ.

tree of life (ٽري آف لائيف) **n.** arbor vitae; a tree in the Garden of Eden whose fruit gave everlasting life. آب حيات جهڙو ميوو ڏيندڙ وڻ. بهشت جو هڪ وڻ.

tref, treif or **trefa** (ٽريف . ٽريفا) **adj.** forbidden as food, not kosher.غير حلال شيء، غير حلال گوشت. حرام شيء يا گوشت.

trefoil (ٽرفوائل) **n.** a three-lobed form, ornament or aperture, as in tracery or heraldry; a leaf of three leaflets; a trifoliate plant, esp of the clover genus.ٽرفيل، ٽيٽو، ٽه حصو زيور، ٽه سرو هار يا دَهري، ٽه سري زره، ٽن حصن ۾ ورهايل پن. ٻوٽي جو قسم . گاهه جو قسم. لوسڻ جهڙو گاهه. ٽه پتو ٻوٽو، ٽه پنو گاهه. يڪسالو ڦريدار ٻوٽو.

tregetour (ٽريجٽر) **n.** a juggler; a trickster; a deceiver..مداري، جادوگر، بازيگر، دوکي باز، ڦوٻائي، حريف، ٺه پٽائي، ٺگ، ڦورو.

trehala (ٽريحالا) **n.** Turkish manna, a sweet substance obtained from the cocoons of a type of beetle.ترڪيء جو هڪڙو مزيدار کاڌو، پوٽر يا ٽنڊڻ جي ڪويي مان ملندڙ منو مادو.

treille (ٽريل) **n.** a trellis.ڇپرو، جعفري، شبڪو، ڪاٺيء جو ٿهيل آڏاوتي ڪم، چاري.

trek (ٽريڪ) **vi, vt.** to make a long hard journey, usu on foot; to tramp and camp, dragging one's equipment; to migrate; to journey by ox-wagon; to drag..ڏکي يا اهنجي مسافري ڪرڻ. جبل جهاڳڻ. ڪشالو ڪرڻ. هلڻ ۽ رهڻ. سامان ڪئي هلڻ. لڏي وڃڻ. گاڏيء يا ڇڪڙي ۾ مسافري ڪرڻ. بيل گاڏيء ۾ سفر ڪرڻ. گاڏو گهلڻ. بيل گاڏي جي سواري.

trellis (ٽريلس) **n, vt.** a structure of cross-barred or lattice-work; to provide with a trellis; to train on a trellis..چاري، ڇپرو، جعفري، شبڪو، چاريء صورت ٻيهڪ ٻيهارڻ. ڪاٺيء جي اڏاوت.

trema (ٽريما) **n.** an orifice; a diaeresis, two dots placed as a mark of separate pronunciation over a vowel-letter.سوراخ، تنگ منهن، وات، حال، اچار واري اکر کي مٿان ٻه ٽبڪا ڏئي اچار مٽائڻ. مختلف اچار ڏيڻ.

trematic (ٽريمٽڪ) **adj.** of the gill-slits..ڪلين جا سوراخ. ڪلين جو منهن.

trematode (ٽريماٽوڊ) **n.** any member of a class of parasitic, unsegmented flatworms with adhesive suckers. ٽڪندڙ ٽراڪڙا ڪينئان، چؤر وانگرچنبڙندڙ ڪينئان.

tremble (ٽريمبل) **vi, vt, n.** to shake involuntarily, from fear, cold or weakness; to quiver; to vibrate; to pass tremulously; to set trembling; the act of trembling; tremulousness; a tremulous state; a morbid trembling; a condition of muscular weakness and trembling in cattle and sheep caused by eating certain plants, also a name of milk sickness in humans..ڏڪڻ، ڪنبڻ، ٿرڪڻ، ڦرڪڻ، لڏڻ، ڏڏڻ، ڏڪڻي، لرزش، ٿرڪڻي، لرزڻ، ٿرڪ، ٿرڪائڻ، موتمار ڏڪڻي، سڪرات، پٺن يا مُشڪن جي ڪمزوري، جانور ۾ ڏڪڻيء جومرض، ماڻهن کي کير جي استعمال ڪري ٿيندڙ لرزي جي بيماري.

trembler (ٽريمبلر) **n, adj.** a person, animal or thing that trembles; any of a number of W Indian birds of the family Mimidae; a vibrating device that makes and breaks a circuit; (of jewellery) tremblant.ڏڪندڙ، لرزي جي بيماريء جو مريض، ڏڪڻيء جي بيماريء وارو جانور، مختلف قسمن جا پکي، مينا پکي، نقل ڪندڙ پکي، لڏندڙ پرزو، (زيور) طوق.

Tremella (ٽرميلا) **n.** a genus of gelatinous fungi, such as witches' meal, found on decaying wood etc. جيليء جي صورت ڦنگي، ڳرندڙ ڪاٺ تي ٿيندڙ ڦنگيء جو قسم.

tremendous (ٽرمينڊَس) **adj.** awe-inspiring, dreadful; huge, terrible; extraordinarily great; prodigious, extraordinary, very good..شاهي، ڳرو، هيبتناڪ، تمام وڏو، ڏڪائيندڙ، حد کان وڏو، خوفناڪ، ڀيانڪ، ڀوائتو، ڊيڄاريندڙ، تمام سٺو، واهه جو.

tremie (ٽرمي) **n.** a hopper-like device for laying concrete under water (Fr).پاڻيءَ اندر ڪنڪريٽ ڪرڻ لاءِ ڪم ايندڙ اوزار.

tremolant (ٽِريمولنٽ) **n & adj.** tremolo.سازن جي تکڙي وڄت.

tremolite (ٽريمولائٽ) **n.** a calcium-magnesium amphibole, in long prisms or fibres, pale or colourless.گهڻ معدني عمارتي پٿر، سنگ مرمر جهڙو اڇو پيلو معدني مادو.

tremolo (ٽريمولو) **n, adj.** (music) a tremulous effect as by a rapid succession of the same note or of two notes at least a third apart; a tremulant.تيز موسيقي، تيز وڄت، لاڳيتو سنڪو، لرزندڙ آواز.

tremor (ٽريمر) **n, vi.** a quiver; a quavering; an involuntary trembling; a shivering; a thrill; an involuntary agitation; a vibration; to quiver..ڪنبپ، ڏڪڏڪ، ڏڪڻي، ٿرڪو، ٿرڪڻي، لرزش، ٿرٿر، هلڪو زلزلو، لرزو، لوڏو.

tremulant (ٽريميولنٽ) **adj, n.** tremulous; a device in an organ or electronic instrument for producing a tremolo effect. لڏندڙ، لرزشي آواز ڪيندڙ ساز، لرزش ڪندڙ.

tremulous (ٽريميولس) **adj.** trembling; quivering. ڪنبندڙ، ڏڪڻو، لرزان، ڏڪندڙ، ڏڇڻو، ٿڙڪندڙ، لرزندڙ.

trench (ٽرينچ) **n, vi, vt.** a long, narrow, deep excavation in the earth; a protective ditch dug in warfare, with the excavated earth used as a parapet; a deep furrow or wrinkle in the skin; to make trenches; to dig deep with spade or plough; to encroach; to border, verge; to cut; to make trenches in; to put in a trench; to provide with a trench; to entrench; to divert by a trench..سرنگهه، کڏ، کاهي، خندق، چَرُ، آڏ، ڪسي، نالي، چري، کڏ کڻڻ، مورچو ٺاهڻ، چمڙيءَ تي وڏو ۽ گهرو گهنج، کڏ يا نالي کوٽڻ، پرائي جاءِ ۾ گهڙڻ، قبضو ڪرڻ، هرڪاهڻ، زمين کيڙڻ، کڏ ۾ وجهڻ، ڪسي يا نالي کوٽڻ، نالي کوٽي بندڻ، نالي کوٽي ٻئي پاسي وهائڻ.

trenchant (ٽرينشانٽ) **adj.** cutting; keen; severe..تيز، تکو، وڍيندڙ، قطعي، ڪهاءُ وجهندڙ، سخت، ڏاڍو، سخت، وڍيندڙ.

trench-coat (ٽرچ ڪوٽ) **n.** a short waterproof coat with belt, for men or women.عورتن يا مردن لاءِ ننڍو پٽي سان پاڻيءَ کان بچاءَ وارو ڪوٽ، برساتي.

trencher (ٽرينچر) **n.** a wooden plate or platter; a board..ساسر، رڪيبي، پليٽ، تراڪڙو ٿانءُ، تختو، خومچو، پاتوڙو، صندلي، پاٽل.

trencher-cap (ٽرينچر ڪئپ) **n.** a college-cap, mortar-board.ڪاليج جي نشان واري ٽوپي، گارو ٺاهڻ وارو تختو يا صندلي.

trencher-fed (ٽرينچر فيڊ) **adj.** (of fox-hounds) kept each by his owner, not in a pack.شڪاري ڪتو جيڪو پنهنجي مالڪ وٽ هجي. ٻين ڪتن کان الڳ ڪري پاليو ويو هجي.

trencher-friend or -knight (ٽرينچر فرينڊ يا نائيٽ) **n.** a person who frequents the table of another, a parasite.ٻين سان گڏ وڃي وهندڙ، ٻين جي خرچ تي پلجندڙ، طفيلي جيوَ، مفت خور ماڻهو، بي صلاحيو مهمان.

trencherman (ٽرينچ مئن) **n.** a hearty eater; a trencher-friend. پيٽو، گهڻ کائو، مفت خور، ٻين جي خرچ تي کائيندڙ.

trench-fever (ٽرينچ فيور) **n.** an infectious disease causing pain in joints and muscles, prevalent among soldiers living in trenches, caused by a Rickettsia and transmitted by lice.وچڙندڙ بخار جنهن ۾ سنڌن ۽ مُشڪن ۾ تمام گهڻو سور ٿيندو آهي، جونءِ يا پسونءِ ڪري ٿيندڙ بخار، جيئن جو بخار، چَرن ۾ رهڻ وارن جو مرض.

trench-foot or -feet (ٽرينچ فوٽ يا فيٽ) **n.** a diseased condition of the feet caused by long exposure to cold and wet, esp affecting soldiers in trench warfare..ٿڌ ۽ آلي زمين تي هلڻ ڪري پيرن جي ڦوٽ ۽ ڳرڻ جي بيماري، غارن يا چَرن ۾ رهندڙن جي بيماري.

trench-knife (ٽرينچ نائيف) **n.** a knife with double-sided blade, used by patrols in the Trenches..ٻه ڌارو چاقو، ٻئي ڦرَ وارو چاقو.

trench mortar (ٽرينچ مارٽر) **n.** a small mortar which throws large shells short distances, useful in trench warfare. چر يا سرنگهه ۾ رکڻ جهڙي ننڍي توپ.

trench warfare (ٽرينچ وارفيئر) **n.** warfare in which each side entrenches itself in lines facing the enemy.سرنگهن ۾ ويهي جنگ ڪرڻ يا ملڪي سرحدن جي حفاظت ڪرڻ.

trend (ٽرينڊ) **vi, n.** to turn, wind; to have a tendency or prevailing direction; general tendency; a bend..لڙڻ، نمڻ، ليٽ رکڻ، مائل هئڻ، (ڏي) لاڙو رکڻ، لاڙو، رغبت، ليٽ، رُخ، موڙ، نمونو، رجحان، لاڙو.

trendify (ٽرينڊيفاءِ) **vt.** make fashionable; give a fashionable appearance to فيشني بنائڻ، مروج فيشن مطابق تيار ڪرڻ، فيشني ڏيک ڏيڻ.

trend-setter (ٽرينڊ سيٽر) **n.** someone who helps to give a new direction to fashion..فيشن ۾ نواڻ آڻيندڙ.

فيشن ۾ ليون شيون داخل ڪرائيندڙ. فيشن جو سالار.

trendy (ٽرينڊي) **adj.** in the forefront of fashion in any sphere; a trendy person. فيشني، فيشن مائل. نئون فيشن ڪندڙ ماڻهو.

trental (ٽرينٽل) **n.** a series of thirty requiem masses. مئل لاءِ ليهن ڏيهن تائين دعائون گهرڻ جو عيسائين جو عمل.

trepan[1] (ٽري پئن) **n, vt.** an obsolete cylindrical surgical saws for perforating the skull; a tool for boring shafts; to remove a piece of the skull from; to cut a cylindrical disc from; to cut an annular groove in. گول ڪارائي جنهن رستي مغز جي هڏيءَ جي جراحي ڪري سگهجي. کوپڙيءَ جي هڏي ڪٽڻ لاءِ جَراحي ڪارائي. شافٽ ڪي سوراخ ڪرڻ وارو اوزار. برمو. کوپڙيءَ ۾ ڇيد ڪرڻ. گول ٽڪر ڪڍڻ. گول ڪرڻ. گولائي ٻهارڻ.

trepan[2] (ٽري پئن) **n, vt.** a decoy; a snare; an entrapping; to ensnare; to lure. ڦندي ۾ ڦاسائڻ. ڦسلائڻ. ورغلائڻ. جار يا سرڪڻيءَ ۾ ڦاسائڻ. لالچائڻ. ڏتارڻ. ريجهڻ. دلبو ڏيڻ.

trepang (ٽري پنگ) **n.** a sea-slug or cucumber, a holothurian eaten by the Chinese. سمنڊ. ونگو. ڪيرو. سامونڊي ڪيري جي جنس واري ڀاڄي. هڪ سامونڊي جانور جيڪو ڪيري وانگر ٿئي ٿو ۽ خطري واري حالت ۾ پنهنجا آنڊا ۽ اندروني عضوا دشمن جي سامهون اڇلائي هليو ويندو آهي.

trephine (ٽري فين) **n, vt.** a refined form of trepan; to operate on, perforate, or remove a circular section from skull or cornea with the trephine. نئين قسم جي گول ڪارائي. مغز جي جراحي لاءِ نئون اوزار. گول صورت ۾ ڪٽڻ يا ڪاهڻ. مغز ۾ گول سوراخ ڪرڻ. اک جي جراحيءَ جو اوزار.

trephiner (ٽري فينر) **n.** a surgeon who uses a trephine. مغز جي جراحيءَ جو ماهر ڊاڪٽر.

trepidation (ٽريپيڊيشن) **n.** trembling; alarmed agitation; a liberation of the celestial sphere assumed to explain a supposed oscillation of the ecliptic. عضوي جو ڏڪڻ. بي چيني. ڏڪڻي. ڪنبڻي. ڊپ. هراس. رولو. خوف. ٿرٿلو. لرزش. گهٻراهٽ. بي فرحتي.

treponema or **treponeme** (ٽريپنومَا) **n.** a bacterium of the genus of spirochaetes, one of which causes syphilis. سوزاڪ جيوڙو.

tres (ٽري، ٽريز) **adv.** very (Fr). تمام.

trespass (ٽريس پاس) **vi, n.** to interfere with another's person or property; to enter unlawfully upon another's land or property; to encroach; to intrude; to sin; an act of trespassing; an offence; a sin; any injury to another's person or property. بيجاءِ دخل ڏيڻ. بي قاعدي دخل ڪرڻ. اجازت کان سواءِ داخل ٿيڻ. خطا ڪرڻ. ڏوهه ڪرڻ. حڪم ٽوڙڻ. (ٻئي) پيلڻ. خطا. ڏوهه. بيجا مُداخلت. ٻئي جي ايراضيءَ تي ان جي رضامنديءَ کان سواءِ پاڻ وڃڻ يا چوپائي مال کي ولي وڃڻ. اجازت کانسواءِ داخل ٿيڻ. ٻئي جي مال سان هٿ چراند ڪرڻ. ٻئي جي ملڪيت ۾ گهڙڻ. نقصان رسائڻ. زخمي ڪرڻ. هاڃو رسائڻ. حڪم ٽوڙڻ. ڪنهن ٻئي جي ايراضيءَ تي ان جي رضامنديءَ کان سواءِ پاڻ وڃڻ يا چوپائي مال کي ولي وڃڻ بيجا مداخلت آهي.

trespasser (ٽريس پاسر) **n.** one who trespasses, a wrongdoer, a sinner. بيجا مداخلت ڪندڙ. پاپي. اپراڌي. گناهي. گناهگار. مداخلت ڪار.

tress[1] (ٽريس) **n, vt.** a plait, lock, curl or braid of the hair of the head; a long lock, braided or not; to form into tresses. وار. زلف. چڳ. گيسو. گهنڊي ڪرڻ. چوٽي ڪرڻ. ڪنڍڙي. ڪاڪل. چوٽي. گهنڊيدار.

tress[2] or **trest** (ٽريس) **n.** a trestle. گهرڙي. صندلي. ميز جو ڍانچو.

tressed (ٽريسڊ) **adj.** braided; in tresses; having tresses. چوٽي ڪيل. وار وٽيل. گهنڊي ڪيل. چڳن جي صورت ۾. گهنڊيدار.

tressure (ٽريشر) **n.** a subordinary, half the breadth of the orle, and borne double and flowered and counter-flowered with fleurs-de-lis. هيٺاهون . هٿ وس. سپر يا ڍال جي ڪناريءَ جي اڌ ماپ جيتري ٻيهڪ. گول هار. گلن لاءِ هار.

tressy (ٽريسي) **adj.** having or like tresses. وار وار. چڳدار. وارن وارو. گيسودار.

trestle or **tressel** (ٽريسل) **n.** a support composed of a horizontal beam on sloping legs; a braced framework. گهوڙي. صندلي. ميز جو ڍانچو. لڪنڪي. پٽين تي ٻيهاريل ٻيهڪ. اسٽول.

trestle-bridge (ٽريسل برج) **n.** one resting on trestlework. نهلن يا ٿنين تي ٻيهاريل پل يا ان جهڙي ٻيهڪ.

trestle-table (ٽريسل ٽيبل) **n.** one made of boards laid on trestles. ڍانچي تي رکيل ميز. ٽنگن تي ٻيهاريل ميز.

trestlework (ٽريسل ورڪ) **n.** a braced framework. ڪاٺيءَ جو ٽنگن وارو ڍانچو.

tret (ٽريٽ) **n.** an allowance to purchasers for waste. ڪٽتو. ڪٽتو. هار وير لاءِ مجرائي.

trevally (ٽروڪلي) **n.** any horse-mackerel of the genus Caranx. مڇيءَ جي جنس. سير يا ڪرڪنڊ مڇي جنس.

treviss or **trevis** or **travis** (ٽريوس) **n.** a stall partition; a stall. ٽيلهو. شين وڪڻڻ لاءِ صندل. صندل يا مالڊليءَ جي ويري.

trews (ٽروز) **n.pl.** trousers, esp of tartan cloth. ڪاڏيءَ مان نهيل پاجامو. پتلون يا شلوار. ڪٽڙ جهڙي ڪپڙي مان نهيل پتلون.

trey (ٽري) **n.** the three in cards and dice; a set of three; the third tine of a deer's horn; a threepenny bit.ٽڪَ، ٽڪي، ٽن جو سيٽ، هرڻ جي سنگ جي ڳَري، جو ٽيون سنگ، ٽن پيسن جو سڪو يا ٽن پيسن ير ملندڙ شيءِ.

tri- (ٽراء) combining form : denoting three, threefold. ٽي، ٽيڻو، ٽي ڀيرا، ٽي دفعا، ٽيون.

triable (ٽرائبل) **adj.** that may be tried. دريافت جوڳو، آزمائش جوڳو، سماعت جوڳو، تجويز جي قابل.

triacid (ٽراء ائسڊ) **adj.** having three replaceable hydrogen atoms; capable of replacing three hydrogen atoms of an acid. ٽه تيزابي، ٽه ترشي.

triaconter (ٽراء آڪونٽر) **n.** an ancient Greek ship, perhaps with thirty men to each group of oars.پراڻو يوناني جهاز جنهن ۾ هڪ وقت ۾ ٽيهه ماڻهو ونجهن تي هوندا هوا.

triact (ٽرائڪ ائڪٽ) **adj.** three-rayed.ٽه لهرو، ٽي ترورا، ڪيدندڙ، ٽن ڪرڻن وارو.

triad (ٽرائڊ) **n.** a group, set or union of three; a trinity; a group of three sayings or stories, about related subjects; a group of three lines or stanzas in different metres; a chord of three notes; an atom, element or radical with a valency of three; any of many Chinese secret societies, so named from their use of the triangle in their rituals and involved in criminal activities..ٽه جوڙا، ترِيٽي، تثليث، ترتيه، ٽه ياري، ٽه مورتي، ٽن جي ڳڏ ٻيهڪ، ٽياڪڙ، عيسائين جو ٽن بابت عقيدو، ٽي ٽن، ٽن بابت، ٽن ليکن جو شعر، ٽي سُر ڪيدندڙ تار، هڪ ايٽم، ٽن حصن وارو جوهري عنصر، چين جون مختلف خفيه تنظيمون، ڏوهارين جي چيني تنظيم.

triadelphous (ٽرائڊليفس) **adj.** with three bundles of stamens. ٽه بند، ٽه پيوندي.

triage (ٽرائج) **n.** sorting out; in war, the selection for treatment of those casualties most likely to survive; allocation of resources to where they will have the most effect, rather than to where the need is most urgent or severe; broken coffee-beans.ڳولا ڪرڻ، جدا ڪرڻ، الڳ ڪرڻ، جنگ دوران اهڙن مريضن کي جدا ڪرڻ جن جي بچڻ جي گهڻي اميد هجي، ڪافيءَ جا ٽٽل يا ڦاٽل ٻج.

triakisoctahedron (ٽرائڪسوڪٽي هيڊرن) **n.** a solid figure like an octahedron with a three-faced pyramid on each face.اِهڙو اٺ سطحي جسم جنهنجي هر پاسي ٽن صورتن واري ٻيهڪ هجي، چوويهه مُنهون.

Trial (ٽرائل) **n.** a tenor with special aptitude for comedy parts, often noted for his acting than for his vocalism (Fr).مزاحيه ڊرامي لاءِ خاص ڍنگ واري موسيقي جيڪا پاڻ مرادو ان عمل تي ڪلاڪي.

trial[1] (ٽرائل) **n, adj, vt.** a trying; examination by a test; a test of the efficacy, safety; of a new product, esp a drug before it is marketed or in order to gain official approval for its general use; examination by a court to determine a question of law or fact; a formal examination of a candidate; a competition, to select members of a major team; a competition comprising various tests, for sheep-dogs or horses; a competition to test vehicles in difficult conditions; suffering; temptation; an attempt; a piece used as a test; a troublesome thing, a nuisance; done, taken for the sake of trial; to test a new product..تجربو، آزمودو، آزمائش، ڪوڃنا، مقابلو، امتحان، پرک، جاچ، جانچ، آزمائش، پريکيا، ڪَسَ، (زور) آزمائي، ڪَشَٽَ، ڪشالو، جنجال، دريافت، مُقدمو، مقدمي جي سماعت، جاچ جوچ، ڪنهن راند جي ٽولي جا مکيه رانديگر، راندين جا مقابلا، گهوڙن يا ڪتن جي چونڊ، گاڏين جي ڏکين حالتن ۾ چڪاس، تڪليف، مصيبت، آزار، پيڙا، ڏک، ويتا، عذاب، ڏک سهندڙ، ڏتار، ڏت، ريب، ڪوشش، عمل، آزمائش يا تجربي هيٺ شيء، تڪليف ڏيندڙ شيءِ، ايذاءُ، آزار، ڦڪڙي، ذلت، تجربي خاطر ڪيل ڪم يا ڪاڏل دوا.

trial[2] (ٽرائل) **adj, n.** threefold, trinal; expressing or representing three things; a grammatical form expressing or representing three things.ٽيڻو، ٽيڻي، ٽي عدد، ٽي دفعا، ٽن شين بابت ، ٽن جي جاءِ تي، ٽن شين کي ٺروار ڪرڻ جو گرامر جو طريقو.

trial and error (ٽرائل اينڊ ايرر) repeated attempts or experiments continued until successful.تجربا ڪندو رهڻ جيستائين ڪاميابي ٿئي.

trial balance (ٽرائل بيلنس) **n.** (book-keeping) in the double-entry system, a statement drawn up of the credit and debit totals to demonstrate that they are equal.آزمائشي حساب يا چڪاس، موڙيءَ لهڻ جو طريقو جنهن ۾ مڪمل حساب ظاهر ٿئي.

trial balloon (ٽرائل بلون) **n.** a balloon d'essai; an experiment to see how a new policy will be received.ڪنهن نئين ڳالهه شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ان جي خوبين يا خامين بابت چڪاس.

trial-fire (ٽرائل فائر) **n.** a fire for trying or proving..تجرباتي طور گولي هلائڻ، ٻر چوڙڻ، ميزائل اچلائڻ وغيره، هٿيارن جي آزمائش، تجربو ڪرڻ، آزمائڻ.

trialist or **triallist** (ٽرائلسٽ) **n.** a person taking part in a trial or test; a competitor or player under consid-

eration for a place in a major team.تجربي يا آزمائش ۾ حصو وٺندڙ. مقابلو ڪندڙ. مقابلي ۾ شامل. آزمائشي طور کيڏندڙ رانديگر.

trial marriage (ٽرائل مئريج) **n.** for a couple intending matrimony, a period of living together with a view to testing their compatibility.شاديءَ کان اڳ مرد ۽ عورت جو هڪ ٻئي جي سياءُ کي سمجهڻ خاطر ڪجهه وقت گڏ گذارڻ. آزمائشي دور. آزمائشي شادي.

trialogue (ٽرئلاگ) **n.** a conversation between three people. ٽن ماڻهن جي وچ ۾ گفتگو. بحث مباحثو.

trial of strength (ٽرائل آف اسٽرينٿ) **n.** a contest to find out who is the stronger or strongest; a struggle between two irreconcilable parties, prolonged until one of them weakens.طاقت جي آزمائش. مختلف پهلوانن درميان طاقت جو مقابلو. ملهن جو مقابلو. ٻن مخالف ڌرين وچ ۾ هلندڙ جهيڙو جيستائينڪ ڪا هڪ ڌر ڪمزور ٿي هٿيار ڦٽا ڪري.

trial run (ٽرائل رن) **n.** a test drive in a motor vehicle to ascertain its efficiency; an introductory test, rehearsal etc.تجرباتي ڊوڙ گاڏيءَ کي تجرباتي طور هلائي ان بابت جاچ ڪرڻ. تجرباتي عمل.

Triandria (ٽراءِ اينڊريا) **n.pl.** (in Linnaeus's classification) a class of plants with three stamens.ٽه نرو (ٻوٽو). ٽه نر. ٽن نرن وارو ٻوٽو.

triandrous (ٽراءِ اينڊرس) **adj.** with three stamens.ٽه نرو. ٽه تخمڙو.

triangle (ٽرائنگل) **n.** a plane figure having three angles and three sides; part of the surface of a sphere bounded by three arcs of great circles; any mark or thing of that shape; a musical instrument of percussion, formed of a steel rod bent in triangle-form open at one angle; a tripod, for a pulley for raising weights, or for binding soldiers for flogging.ٽڪنڊو. ٽرڪَون. ٽه پاسو. ٽه ڪنڊي ٻيهڪ. دهل جهڙو ساز جنهن جي ٽه ڪنڊي ٻيهڪ هجي. ٽن پيرن واري ٻيهڪ. ٽه پائي. پُلِيءَ جي ٻيهڪ. ٽڪِنڪي.

triangular (ٽرائنگيولر) **adj.** having three angles; (of a number) any of the series of numbers, 0, 3, 6, 10, 15, the series being formed by adding 1, 2, 3, 4 and 5, consecutively to consecutive members of the series; involving three persons or parties.ٽڪنڊو. ٽه ڪُنڊيارو. ٽڪورو. ٽپاسو. مثلثي. ٽڪنڊي نما. ٽن ڪنڊن وارو. ٽن جي انگ وارو سرشتو. ٽن سان ونڊيندڙ انگ. ٽه ڌريو. ٽن ڌرين يا ماڻهن وچ ۾.

triangulate (ٽرائنگيوليٽ) **vt, adj.** to survey by means of a series of triangles; with, marked with or made up of triangles; triangular.ٽڪنڊن رستي سروي ماپ لهڻ جو طريقو. ٽڪنڊن جو سلسلو. ٽڪنڊن واري ٻيهڪ ٻيهارڻ. ٽڪنڊو. ٽڪنڊيارو.

triangulation (ٽرائنگيوليشن) **n.** the act or process of triangulating, for map-making; the series of triangles so used. ٽڪنڊي ماپ. وڏي ايراضي ماپ. ٽه پاسي بندي.

triapsidal (ٽراءِ اپسائڊل) **adj.** with three apses.هڪ خاص قسم جي ديول جي ٻيهڪ.

triarch[1] (ٽراءِ آرڪ) **adj.** having three xylem strands in the stele. ٽن حصن واري ٻيهڪ. ٽه شاخي.

triarch[2] (ٽراءِ آرڪ) **n.** a ruler of a triarchy; a member of a triumvirate.ٽن ڇٽن جي حڪومت. ٽن جي ٽولي جو شريڪ.

triarchy (ٽراءِ آرڪي) **n.** government by three people; a state governed by a triumvirate; a state divided into three parts each having its own ruler; one of three such parts.ٽن ڇٽن جي حڪومت. ٽن ڇٽن جي حڪومت هيٺ ملڪ. ٽن حصن ۾ ورهايل ملڪ (جنهن ۾ هر هڪ کي پنهنجو حڪمران هجي). اهڙي ملڪ جو هڪ حصو. ٽيون حصو.

Trias (ٽرائس) **n.** the oldest Mesozoic or Secondary system. ٽه طبقي. ٽه تهه. پراڻو ورهاست جو طريقو.

triathlon (ٽرائٿلون) **n.** a sporting contest consisting of three events held without a break between each, usu swimming, cycling and running.ٽن رانديـن تي مشتمل هڪ مقابلو. (ان ۾ ترڻ، سائيڪل جي سواري ۽ ڊوڙڻ شامل آهن)

triatic or **triatic stay** (ٽرائيٽڪ) **n.** a rope joining adjacent mastheads to which tackle is attached; each of a pair of stays joining the tops of direction-finding masts diagonally and supporting from their points of intersection a vertical aerial.اهڙي رسي جيڪا لاڳيتو بيٺل مستولن کي ٻڌي سگهجي. سڙهن کي هڪ ٻئي وقت چاڙهڻ لاءِ رسو ٻڌڻ جو طريقو.

triatomic (ٽرائٽومڪ) **adj.** consisting of three atoms; having three replaceable atoms or groups; trivalent.ٽن اڻن وارو. ٽن ائٽمي عنصرن وارو. ٽه ٻرقو. ٽه گرفت. ٽه قوت رکندڙ.

triaxial (ٽراءِ ايڪسيل) **adj, n.** having three axes; a triaxial sponge spicule. ٽه محوري. ٽه محوري اسپنج مادو.

tribade (ٽراءِ ٻيڊ) **n.** a female homosexual, a lesbian.هم جنس پرست عورت.

tribadism or **tribady** (ٽراءِ ٻيڊزم) **n.** lesbian masturbation simulating heterosexual intercourse in the

missionary position.عورتن جو پاڻ ۾ زال مڙس وانگر گڏ ٿيڻ جو (جنسي) عمل.

tribal (ترائبل) **adj.** pertaining to, or characteristic of a tribe or tribes; belonging to a tribe; a member of a tribal community (chiefly used in the Indian sub-continent).قومي، ذاتي، نياتي، ڪنهن خاص قوم يا ذات جو. قبائلي، قوم جو، قبائلي باشندو.

tribalism (ترائبلزم) **n.** the state of existence of tribes as a social phenomenon; (loyalty to) the conventions, of one's tribe.قبائليت جو اصول، قوم ۾ پڌيءَ جو اصول، قوم سان وفاداري، قوم سان ساٿ.

tribasic (ترائبسڪ) **adj.** capable of reacting with three equivalents of an acid; (of acids) having three replaceable hydrogen atoms.تيزاب جي ٽن جزن ملڻ تي رد عمل ڏيکاريندڙ عنصر.

tribble (ترائبل) **n.** a horizontal frame with wires stretched across it for drying paper.سڌو ڪاٺيءَ جو چوکيل تارن جي چار وارو فريم جنهن تي پنا سڪائجن.

tribe (ترائب) **n.** a division or class of a pre-industrial nation or people for political purposes; a set of people theoretically of common descent; an aggregate of families, forming a community; a race; a breed; a class or set of people; a classificatory division..ذات، نيات، قوم، ڪُلُ، جنس، قسم، فرقو، قبيلو، پاڙو. هڪ ابي ڏاڏي جو اولاد، جنس وار ورهاست، ساهه وارن جيون جي مختلف قسمن ۽ جنسن ۾ ورهاست.

tribesman or **woman** (ترائبس مئن وومن) **n.** a member of a tribe or of one's own tribe.قبائلي، قبيلي جو، ڪنهن ذات جو(مرد يا عورت).

tribes people (ترائبس پيپل) **n.pl.** the members of a common tribe. قبائلي ماڻهو، عام ذاتين وارا باشندا.

triblet (ترِبلٽ) **n.** a tapering mandrel on which rings, nuts are forged (Fr).ڪاٺ يا لوهه جو لڙو، جنهن ۾ سونارا مُنڊيون وجهي گهڙين.

tribo- (ترائبو) combining form : denoting rubbing or friction..گسائڻ، گهڻ، گاٺ، رگڙ، گساوٽ، مالش، گهڪو، مهٽو. گسڻ، رگڙڻ.

tribo-electricity (ترائبو اليڪٽر ڪسٽي) **n.** electricity generated by friction. گسڻ رستي حاصل ٿيڻ واري بجلي.

tribology (ترائبو لاجي) **n.** the study of friction, swear, lubrication, between surfaces moving in contact with one another.گاٺ جو اڀياس، قَسَرُ، گڏ هلندڙ پرزن ۾ تيل وجهڻ جو عمل.

triboluminescence (ترائبو منيسنس) **n.** emission of light caused by friction.گسڻ رستي حاصل ٿيندڙ روشني، گاٺ چڻنگ.

tribometer (ترائبو ميٽر) **n.** a sled-like apparatus for measuring sliding friction.زمين (يا برف) تي گسڻي هلڻ واريءَ گاڏيءَ جهڙو اوزار جنهن سان گاٺ جو اثر ڏسي سگهجي، گاٺ ماڻ.

tribrach (ترائبرئڪ) **n.** a foot of three short syllables. ٽنڊن اچارن واري بيهڪ، هلڪا سُر.

tribromo- or **tribrom-** (ترائبرومو ترائبروم) combining form : denoting a compound having three atoms of bromine, replacing hydrogen. ٽه عنصري برقي اثو.

tribulation (ٽريبوليشن) **n.** severe affliction; the state of being in pawn; a rowdy gang..مهاڪشٽ،سختي، ڪليش، ڏک، پيڙا، مصيبت، آفت، تڪليف، رنج، لوفرن جو ٽولو، گروي ٿيل.

tribunal (ٽريبونل) **n.** a court of justice or arbitration; a body appointed to adjudicate in some matter or to enquire into some disputed question; a seat or bench in a court from which judgement is pronounced, a judgement-seat; a confessional; of, of the nature of or authorized by a tribunal.عدالت، مسند، انصاف جو ادارو يا ڪرسي، نياءَ آسن، عدالتي محڪمو، ڪچهري، عدالت خانو، نياءَ سڀا، محڪمئہ عدالت، مسند انصاف، عدالت جي مسند، قبوليت، ڏوهہ کي قبول ڪرڻ جو حلف، گناهہ مڃڻ، عدالتي اجازت مليل.

tribune (ٽريبون) **n.** a senior officer in a Roman legion; a magistrate; a champion of popular rights; a title of a newspaper; a platform for speaking from; a raised area or stand; a bishop's stall or throne.خلق جي حقن جي حمايت ڪندڙ، روم جي فوج جو وڏو عملدار، ماجسٽريٽ، اخبار جو نالو، ٿلهو، اِسٽيج، پادريءَ جي ويهڻ (يا وهڻ) جي مٿاهين جاءِ.

tributary (ٽريبوٽري) **adj, n.** paying tribute; contributing; paid in tribute; a payer of tribute; a stream that runs into another..شاخ، ننڍي نهر، امدادي، معاون، مددگار، خراج گذار، مطيع، ڏن ڀريندڙ، ڍل ڀرو، خراجي، ڏالي، سهائڪ، مودي، ندي، سهائي.

tribute (ٽريبوٽ) **n.** a payment in acknowledgement of subjection; an act, gift, words or other expression of approbation; a testimony, a credit; a percentage of ore or its value received (or paid to be owners) by a miner..ڍل، ڏن، خراج، پرشنا، نذر، تحفو، سوکڙي پاکڙي، شڪرانو مڃڻ، واڌايون ڏيڻ، ميٺا ڪرڻ، دعائون ڪرڻ، کاڻ مان حاصل ڪيل مادي تي مالڪ کي ڏنل حصو.

tributer (ٽربيوٽر) **n.** a miner paid by tribute.ڪانڻ ۾ حصي تي ڪم ڪندڙ مزدور.

tricameral (ٽرائڪئميريل) **adj.** having three chambers. ٽن حصن واري پارليامان جو سرشتو.

tricar (ٽرائڪار) **n.** a motor-tricycle with a passenger's seat or luggage carrier in front; a three-wheeled car.موٽر سائيڪل جنهن ۾ اڳيان هودو لڳل هجي، ٽن ڦيٿن واري موٽر گاڏي.

tricarboxylic (ٽرائڪار باڪسلڪ) **adj.** (of an acid) having three carboxyl groups in each molecule.تيزابي مرڪب مادو.

tricarpellary (ٽرائڪار پيلري) **adj.** of or with three carpels. ٽه ميويدار، ٽه مادي عضوو.

trice (ٽرائس) **vt, n.** to haul; to haul and make fast; a moment (as if the time of a single tug); a pulley..ڪشڻ، تيز ڪشي وڃڻ، چڻ، ڪِن، ساعت، لحظو، پَل، رسي چڪڻ، لحو.

tricephalous (ٽرائسيفلس) **adj.** three-headed. ٽِـِـ سرو ڪيڙو، ٽه سري بيهڪ، ٽه مورتي، ديومالائي ٽه سرو نانگ يا شينهن، هندستان جو ٽه سري مورتيءَ وارو سرڪاري نشان.

triceps (ٽرائيپس) **adj, n.** three-headed; a muscle with three separately arising heads, esp the muscle at the back of the upper arm that straightens the elbow..ٽه سرو، ٽه پاڙي، ٽه چيرڙي مُشڪ، ٽه مٿو، ٽن مٿن وارو، جنبَ.

triceratops (ٽرائسريٽاپس) **n.** an ornithischian, quadrupedal, herbivorous dinosaur of the Cretaceous period, having a horn over each eye and one on its nose.اڳئين زماني جو چؤپيرو جانور جنهن کي هر اک مٿان هڪ سنگ ۽ نڪ مٿان ٽيون سنگ هو، ٽن سڱن وارو گينڊو، ڊائنوسار.

tricerion (ٽرائسيرين) **n.** a three-branched candlestick. ٽه شاخي ميڻ بتي، ٽن طرفن کان ٻرڻ واري ميڻ بتي.

trich- or tricho- (ٽرڪ- ٽرڪو) combining form : denoting hair. وار، گيسو، زلف، ڪاڪل، تند، ڏاڳو.

trichiasis (ٽرڪائيسس) **n.** the turning in of hairs around an orifice, esp of eyelashes so that they rub against the eye; the presence of hair like filaments in the urine..ڪنهن بيهڪ جي چوڌاري وارن جي بيهڪ بڙوال، پنبڻين کسڻ ڪري اکين جي هڪ بيماري، پيشاب ۾ وار جهڙن جُزن جو اخراج، پنبڻن جو اندر وڃڻ، پروار.

trichina or trichinella (ٽرڪينا- ٽرڪينيلا) **n.** a member of the genus of nematode worms parasitic in rag, pig and man, the adult in the small intestine, the larva encysted in muscle.مختلف جنس ڏاڳي نما ڪينئون، جانورن ۾ رهندڙ طفيلي ڪيڙا، پيٽ ڪينئان.

trichiniasis or trichinosis (ٽرڪيناس - ٽرڪينيوسس) **n.** a disease caused by trichinae. ڏاڳي نما ڪينئن جو روڳي مرض، ماڻهن ۽ جانورن جي بيماري جنهن ۾ مُشڪون گولاون ڪينئن جي حملي سبب روڳجيو پون (جيڪي گوشت ۾ گول ۽ سخت گهر ٺاهي رهندا آهن).

trichite (ٽرڪائٽ) **n.** a hair like crystallite.وار جهڙو قلمي مادو.

trichiurus (ٽرڪيورس) **n.** a genus of hair-tails, giving name to the family, related to mackerels and tunnies.وارن جهڙي پڇ واريون مڇيون، ڪرگاڻ، ڪرڪن، ڪرڪنڊ يا سير جي جنس جون مختلف مڇيون.

trichloro- or trichlor- (ٽرائڪلوز- ٽرائڪلور) combing form: denoting a compound having three atoms of chlorine, replacing hydrogen.ڪيميائي مرڪب مادو جنهن ۾ ٽي حصا ڪلورين مليل هجي.

trichobacteria (ٽرڪوبئڪيٽريا) **n.pl.** filamentous bacteria. وار نما جراثيم ، تندائون جيوڙو.

trichogyne (ٽرڪو جائن) **n.** in red seaweeds, and some fungi, a threadlike prolongation of the female organ.وار مادي، وار نما مادي، وار نما مادي عضوو، ڳاڙهن ساموندي گاهن ۽ ڦنگيءَ جو مادي عضوو.

trichoid (ٽرڪائڊ) **adj.** hairlike..وار جهڙو، ڏاڳي جهڙو، تاندورو.

trichologist (ٽرڪولاجسٽ) **n.** a person skilled in trichology; a name appropriated by hairdressers.وارن جي مختلف بيمارين جو ڄاڻو، (وارن جو) ماهر، حجم، حجام.

trichology (ٽرڪولاجي) **n.** the scientific study of hair and its disorders.وارن جو علم، وار وڄا، وار وديا، وارن جي مختلف بيمارين جي ڄاڻ.

trichome (ٽرڪوم) **n.** a plant hair or outgrowth from the epidermis. ٻوٽي جا وار، ٻوٽي جي کل جا وار، ٻج وار.

trichomonad (ٽرڪو مونڊ) **n.** a parasitic protozoon of the genus, Trichomonas.پروٽوزووا جي هڪ قسم وارو جيوڙو جيڪو ڏڳيءَ جي ڳپ نلين ۾ روڳ پيدا ڪندو آهي جنهن ڪري ان جو ڦر ڪري پوندو آهي.

trichomonasis (ٽرڪوماناڻسس) **n.** a sexually transmitted disease caused by trichomonads, found in human being and in animals.وچڙندڙ جنسي بيماري، ڏڳين ۽ مينهن جي وچڙندڙ جنسياتي بيماري جنهن ۾ ماديءَ جي ڳپ وارن عضون ۾ روڳ پيدا ٿي پوندو آهي.

trichophyton (ٽرڪوفٽين) **n.** any fungus of the genus causing ringworm.ڏاڳي دار ڪيڙي ڏي پيدا ڪندڙ (جيوت)، جي پيدائش واري ڦنگي.

Trichoptera (ٽرڪوپيٽرا) **n.pl.** an order of insects with hairy wings, caddis-flies.وار پـر، وار نمـا پـر (سلسلو)، وار دار پرن وارا جيت، مک جو هڪ قسم.

trichord (ٽرائڪارڊ) **adj, n.** three-stringed; with three strings to one note; a three-stringed instrument; a triad.ٽه ڏوري، ٽه تار، ٽه تارو، (ســاز) ٽن جو ٽولو، ڏوهارين جي تنظيم.

trichosis (ٽرڪو سس) **n.** arrangement, distribution, or morbid condition of hair.ڏي وارو مـرض، وار پاڙ مـرض يا روڳ، وار سازي، ڏڳين ۾ ميٺهن کي وڪوڙيندڙ طفيلي روڳ.

trichotillomania (ٽرڪوٽيلو مينيا) **n.** a neurosis in which the patient pulls out tufts of his or her own hair.دماغي بيماري يا روڳ جنهن ۾ مريض پنهنجا وار پٽيندو رهندو آهي.

trichotomous (ٽرائڪو ٽومَ س) **adj.** divided into three forking in threes.ٽه شـاخو، ٽه شـاخي، ٽن حـصن وارو، ٽه سانگو.

trichotomize (-ise) (ٽرائڪوٽو مائز) **vt & vi.** to divide in three or threes.ٽن ٽن ۾ ورهائڻ، ٽن حـصن ۾ ورهاست ڪرڻ.

trichotomy (ٽرائڪوٽمي) **n.** trichotomous division or forking. ٽيڙو، ٽه شاخي، وار جراحي.

trichroic (ٽرائڪروڪ) **adj.** having or exhibiting three colours, esp when viewed in different directions.ٽه رنگ، ٽي رنگ ڏيکاريندڙ.

trichromat (ٽرائڪرومٽ) **n.** someone who has normal colour vision.عـام رواجي نظر وارو، مـختلف رنگن ۾ تميـز ڪري سگهندڙ.

trichromatic (ٽرائڪـرو مـٽڪ) **adj.** characterized by three colours; having normal colour vision..ٽه رنگ، ٽه رنگ بين، عام رواجي نظر واري حالت.

trichromic (ٽرائڪـرو مـڪ) **adj.** trichromatic; a trichromat. ٽه رنگ بين ، عام رواجي نظر وارو.

trichronous (ٽرائڪرونس) **adj.** trisemic. ٽه سُرو.

trick (ٽرڪ) **n, vt, adj.** an artifice; a crafty device; a deception; a fraud; a prank; a performance aimed at astonishing, puzzling, or amusing; an expedient or knack; a characteristic habit, mannerism or trait; a spell or turn, at the helm; a round of play at cards; the cards so played and taken by the winner, forming a unit in scoring; a trinket or toy; a watch; an outline sketch; the customer of a prostitute; to deceive, to cheat; to beguile; to dress or decorate fancily; to trim; adroit and trim..مڪر، ٺڳي، ترڪت، ڦند، دوکو، دغا، ڀوهه، چل، پرپنچ، الڪل بازي، حرفت، فن، فـريب، ڦـڪڻ، بازي، کـيل، هٿ چالاڪي، لـٽڪـو، نانڪ، چيـٽڪ، چلٽرُ، عـادت، آدا، حـرڪت بازي، لچائي، مـسـتي، چاڳ، (ٻاڻ جو) هٿ، (سکاني؛ جو) وارو، ٺڳڻ، ٺڳي ڪرڻ، ترڪـٽ ڪـرڻ، چلتـو ڪرڻ، دوکو ڏيڻ.

trick cyclist (ٽرڪ سائڪلسٽ) **n.** an acrobat who performs tricks on a unicycle or cycle; a psychiatrist..ٻه ڦيٽي يا هڪ ڦيٽي سائيڪل تي ڪرتب ڏيکارڻ وارو رانديگر.

trickery (ٽرڪري) **n.** the act or practice of playing tricks; artifice; stratagem; imposition..ٺـڳي، چلت، فطرت، دولاب، فريب، ڌوبو، حرفت بازي، دغابازي، الڪلبازي، ڪيڏ، نانڪ، هٿ ناٿ، مڪاري، چال، دوکو، مڪاري.

trickle[1] (ٽرڪل) **vi, vt, n.** to run or pass in drops or in a small irregular steam; to emit in a trickle; a succession of drops; a sparse intermittent rivulet; a drop.(ٽڙڪ) نمڻ، سِمڻ، وهڻ، ليڪڻ، چالو، سيمو، آهستي وهڻ، ڪِرڻ، جهرڻ، مٺ سٺ ڪرڻ، ڦڙن جي صورت ۾ وهڻ يا لڪرڻ.

trickle[2] (ٽرڪل) **adj.** ticklish, precarious. دقيق (مسئلو)، نازڪ (سوال)، مشڪل صورتحال، جوکائتو، بي ڪٿتو.

trickle-charge (ٽرڪل چارج) **vt.** to charge (a battery) over a long period at a low rate.(بيٽري؛ کي) آهستي چارج ڪرڻ جو طريقو.

trickle-down (ٽرڪل ڊائون) **n, adj.** filtration of benefits, esp money, downwards through the social community; of or pertaining to the idea that economic benefits received by advantaged sectors, eg large companies, ultimately filter down to benefit the less well off.آهستي آهستي هيٺ اچڻ جو عمل، هڪ اصول ٽه اقتصادي عمل ۾ واڌ جو اثر آهستي آهستي هيٺ تائين پهچي ٿو.

trickster (ٽرڪسٽر) **n.** a cheat; someone who practises trickery..دوکي باز، بازيگر، مکريلو، ڌوپائي، حريف، ٺڳ، حرفتي.

trickstering (ٽرڪسٽرنگ) **n.** playing the trickster.حرفت ڪرڻ، ٺڳڻ، دوکي بازي ڪرڻ.

tricksy (ٽرڪسي) **adj.** given to pranks, mischievous; tricky, crafty; dressed or adorned smartly..خوش طبع، کيڏاري، جواري، حرفتي، ٺڳ، نانڪي، رؤنشائتو، الڪلي، البيلو، عجيب، مزي جهڙو، جهولو، ڪهنو، سنو پوشاڪيل.

tricky (ٽرڪي) **adj.** addicted to trickery; clever in tricks; ticklish, difficult to handle; complicated..عيار، فريبي، الڪل باز، الڪلي، ٺڳڻو، چالاڪ، الڪل بازي؛ جو، حرفتي، پرپنچي، حريف، سيالو، ڏکيو، سولو نه سڌرندڙ، منجهيل.

triclinic (ٽرائڪلنڪ) **adj.** of the crystal system in

which three unequal axes are obliquely inclined to each other.ٽه ٽشي، ٽن لاهين وارو. اِهڙو قلمر جنهن ۾ اريبي بيهڪ هجي.

triclinium (ٽرائڪلينيم) **n.** a couch running round three sides of a table for reclining on at meals; a dining-room. ماني کائڻ واري ڪمري ۾ ٽن پاسن سان پيل ڪوچ جنهن تي ماني سان گڏ فرحت به ڪري سگهجي.

tricolour or tricolor (ٽرائڪلر) **adj, n.** three-coloured; a three-coloured flag, esp of France.. ٽه رنگ، ٽه رنگو ٽن رنگن وارو، ٽه رنگو جهنڊو، ٽه رنگي جهنڊي.

triconsonantal (ٽرائڪانسو ننٽل) **adj.** having three consonants. ٽن غير اچاري اکرن وارو.

tricorn or tricorne (ٽرائڪارن) **adj, n.** three-horned; three-cornered; a three-cornered hat with the brims turned up. ٽه شاخي، ٽه ڪرني، ٽن سنگن وارو.

tricorporate (ٽرائڪارپوريٽ) **adj.** three-bodied with one head. هڪ مٿي ۽ ٽن جسمن وارو (ديوتا) .

tricostate (ٽرائڪو سٽيٽ) **adj.** three-ribbed. ٽه پاسراٽي.

tricot (ٽريڪو) **n.** a hand-knitted woollen fabric, or imitation of this; a soft, slightly-ribbed cloth for women's garments.. هٿ جي ٺاهيل اوني پوشاڪ يا ڪپڙو، سوئيٽر، زنانو ڏليدار وڳو.

tricotic (ٽرائڪرونڪ) **adj.** (in measuring an arterial pulse) having three waves to one beat of the pulse; triple-beating.نبض جي هلڻ جو طريقو، نبض جو وڌيل دهڪو.

tricuspid or tricuspidate (ٽرائڪپسڊ) **adj.** having three cusps or points.ٽه نقطي، ٽه نوڪي، ٽه چهنبيارو، ٽه چهنب، ٽه نوڪو، ٽه نقطي دار.

tricycle (ٽرائسائيڪل) **n, vi.** a three-wheeled cycle; a light three-wheeled car for the use of a disabled person; to ride a tricycle.ٽه چڪري، ٽه چرخي، ٽه ڦيرو، ٽه ڦيٿي پير گاڏي.

tricyclic (ٽرائسائڪلڪ) **adj.** having three whorls or rings; (of a chemical compound) having three rings in the molecular structure, some compounds of this type being used as antidepressant drugs.ٽن چلن وارو، ٽه گهيرو، ٽه مدار، ٽه چڪرو، ٽه خلقو، دماغي پريشانيءَ جي علاج جي دوا.

tridacna (ٽرائڊڪنا) **n.** any clam of the genus, giant clams of the Indian Ocean, the largest known bivalves (more than 200 kg).ريگ صدفي، هندي سمنڊ جو ٻه سو ڪلو گرام وزن وارو صدف يا ڪوڏ، دنيا جو سڀ کان وڏو ڪوڏ، صدف يا سپ.

tridactyl or tridactylous (ٽرائڊڪٽل/ ٽرائڊڪٽس) **adj.** three-toed; three-fingered.ٽه آڱريو، ٽه آڱردار، ٽه ننهي پنڪڙيو.

tridarn (ٽرڊارن) **n.** a Welsh dresser having three tiers or stages.خانيدار ڪبٽ جنهن ۾ هيٺ کان مٿي ٽي خانا هوندا آهن.

trident (ٽرائڊنٽ) **n.** a three-pronged spear, esp that of the sea-god Pseidon or Neptune; anything of similar shape. ٽه شاخي، ٽه شاخي اوزار، ٽه شاخو، ٽسول، ترسول.

tridented or tridentate (ٽرائڊنٽل- ٽرائڊسٽيٽ) **adj.** three-pronged. ٽه شاخو، ٽه شاخي اوزار.

tridented (ٽرائڊ نٽڊ) **adj.** three-pronged; having a trident. ٽه شاخو، ٽه شاخو اوزار.

tridimensional (ٽرائڊائمينشنل) **adj.** having three dimensions. ٽه طرفي، ٽه رخي، ٽه طرفو.

tridominium (ٽراڊو منيم) **n.** threefold rule.ٽه طرفو حڪمي سرشتو.

triduum (ٽرڊيم) **n.** a space of three days; a period of prayer or religious celebration lasting three days.ٽن ڏينهن جو وقفو، ٽن ڏينهن جي دعا، ٽوڙيو، ٽن ڏينهن جو ميلو.

tridymite (ٽرڊيمائٽ) **n.** an orthorhombic form of silica, in hexagonal scales, often combined in threes. بلوري ڌاتوءَ جي بيهڪ، سورهاستي ڌاتو.

triennial (ٽراءِ اينيوئل) **adj.** continuing for three years; happening every third year.ٽه سالو، ٽه ورهيو، ٽه سالو ٿيندڙ، ٽه سالو، اهڙو ٿيندڙ جيڪو ٽن سالن تائين رهي يا ٽن سالن بعد ٿئي.

trierarch (ٽرائرآرڪ) the commander of a trireme; a person required to fit out a trireme.ٽن حصن ۾ چپو هلائڻ وارن جو هڪ بحري جنگي جهاز، ان جهاز جو مهندار، يوناني بحري سپهه سالار.

trierarchy (ٽرائر آرڪي) **n.** the office of trierarch; the obligation of fitting out ships.بحري جنگي جهازن جو وڏو عملدار، بحري جهازن کي مختلف شيون پهچائڻ لاءِ ذميدار عهديدار.

trieteric (ٽرائٽيرڪ) **adj.** biennial. سال ۾ ٻه دفعا، ڇهين مهيني.

triethyl (ٽراءِ ايٿل) **adj.** having three ethyl groups.مرڪب ڪيميائي مادو.

triethylamine (ٽراءِ ايٿلا مائن) **n.** an oily liquid corresponding to ammonia with ethyl replacing all the hydrogen. مرڪب تيلي مادو.

trifacial (ٽرائفيشل) **adj.** threefold and pertaining to the face. ٽه منهون، ٽه رخي.

trifacial-nerve (ٽرائفيشل نرو) **n.** the trigeminal nerve.ٽه رخي رڳ.

trifarious (ٽرائفيرس) **adj.** arranged in three rows; facing three ways. .ٽي قطاري، ٽي طرفي رُخن وارو، ٽي طرفي بيهڪ

triff (ٽرف) **adj.** terrific, excellent, highly enjoyable or attractive..بهترين، سهڻو، لاجواب، بي نظير، مزيدار، وڻندڙ، موهيندڙ، اڪرشي.

triffid (ٽرفِڊ) **n.** a monstrous (fictional) stinging plant, mobile and rapidly multiplying, of invasive habit and malign intent. هڪ خيالي ڏنگ هڻڻ وارو ٻوٽو.

trifid (ٽرفِڊ) **adj.** cleft into three parts; (of a spoon) having a three-pointed decorate top to its handle.ٽي ڦاڙ، ٽي چيرو، ٽن شاخن وارو چمچو، (يا ڪانٽو).

trifle (ٽرائفل) **n, vi, vt.** something of no importance or value; a kind of fancy confection; a small amount; a dessert of sponge cake soaked with sherry and covered with jam or fruit, topped with custard and whipped cream; a kind of pewter or articles made from it; to occupy oneself desultorily; to play, toy, amuse oneself; to behave without seriousness or respect; to meddle irresponsibly; to spend, pass or waste time idly; to render trivial in comparison..ناچيز شيء، هيچ ، تڇ، خسيس ڳالهه يا شيء، بيهودو ڳالهائڻ، دل وندرائڻ، وڃائڻ، ٿورڙي شيء، هلڪي شيء، تڇ ڳالهه، ٻه چار پئسا، سفلائيء سان هلڻ، وٺائڻ، آرڪمن ۾ وقت وڃائڻ، اڏائڻ، مسخري ڪرڻ، هيٺي هلائڻ، چرچو ڪري سمجهڻ، آر ڪر ڪرڻ، صحيح عزت نه ڏيڻ، رويو ٺيڪ نه رکڻ، خواهہ مخواهہ وچ ۾ پوڻ، وقت اجايو وڃائڻ، معمولي، اڻ پيٽ لائق.

trifling (ٽرائفلنگ) **adj.** of small value, importance or amount; trivial..خسيس، تڇ، هلڪو، خفيف، ادني، ناچيز، حقير، معمولي، معمولي رقم، سستو.

trifocal (ٽرائفوڪل) **adj.** (of a spectacle lens) giving separately near, intermediate and far vision.ٽن مفاصلن لاء نظر جو چشمو، نظر جو چشمو جنهن سان ويجهو، درميانو ۽ پري صاف ڏسي سگهجي.

trifoliate (ٽرائفوليئيٽ) **adj.** having three leaves or leaflets. ٽي پنو، ٽي پتو، ٽن پنن وارو ٻوٽو.

trifolium (ٽرائفوليم) **n.** any plant of the clover or trefoil genus.ٽي پن ٻوٽو، ٽن پنن وارو ٻوٽو، برسيم جو هڪ قسم جيڪو برسيم سان مشابهت رکي ٿو.

triforium (ٽرائفوريم) **n.** a gallery, storey, or arcade over an aisle..مٿاهينء تي بيٺل گئلري، ڪمرو، جاء، عمارت، ٿلهن واري اڏاوت جو مٿيون حصو.

triform or triformed (ٽرائفارم) **adj.** having a triple form. ٽي رخو، ٽي شڪليو، ٽن طرفن کان نظر ايندڙ بيهڪ.

trifurcate (ٽرائفرڪيٽ) **adj, vi.** three-forked; to divide into three branches..ٽي شاخو، ٽي ڪوشو، ٽي سانگو، ٽي شاخي، ٽن شاخن ۾ ورهائڻ.

trig[1] (ٽرگ) **adj, vt, n.** trim, spruce, neat; tight; sound; to make trig; to block or hold back with a wedge; to stuff; a block or wedge to stop a wheel..صاف، پختو، سالم، آڙو، مضبوط، پوشيدو، خفيہ، لڪل، مخفي، ستاڪتو، ٺهڪتو ٺهڪتو،تاڙيوشيو، چنبو ڦوڪيو، تار پوش، بدن جي پوچار، اڳهه مهت، اڏ، ٽيڪ، جَهلَ، جهلڻ، ٽيڪ ڏيڻ.

trig[2] (ٽرگ) **n, adj.** trigonometry; trigonometric or trigonometrical.ٽڪنڊي پيمائي، ٽڪنڊي ماپ، علم مثلث، علم ٽڪنڊو، ٽڪنڊي لاڳو، مثلثي.

trigamist (ٽرگيمسٽ) **n.** a person who has committed trigamy.ٽي ميلاپي، ٽي زالو مرد، ٽين شادي ڪندڙ، ٽي جويو، ٽي مڙسي.

trigamous (ٽرگيمس) **adj.** of the nature of, involving or living in trigamy.ٽي وهائو، ٽي شادي، ٽي ميلاپي، ٽي زالو مرد يا ٽي مڙسي زال.

trigamy (ٽرگيمي) **n.** the having of three legal or supposed wives or husbands at once; a third marriage.ٽي ميلاپي، ٽي زالو، ٽين شادي، (عورت يا مرد) قانوني طور ٽن شادين جي اجازت مليل، هڪ وقت ٽي زالون يا ٽي مڙس رکندڙ.

trigeminal (ٽراجيمينل) **adj.** threefold; three-branched. ٽي تهه، ٽي شاخي، ٽي شاخي بيهڪ.

trigeminal nerve (ٽراجيمينل نَرو) **n.** a facial nerve having three branches, supplying the eye, nose, skin, scalp and muscles of mastication.ٽي تهي تنت، مُنهن جي لس، منهن جي مختلف حصن کي رت پهچائيندڙ لس يا تنت.

trigger (ٽرگر) **n, vt, adj.** a lever that releases a catch so as to fire a gun or set a mechanism going; anything that starts a train of actions; to set in action; applied to something activated by or acting as a trigger..ماشو، لبلبو، بندوق جو گهوڙو، روڪ، بندش، الڪاء، جَهلڻ، اهڙو سلسلو جنهن جي هلڻ سان سڄو نظام هلڻ شروع ڪري

trigger finger (ٽرگر فنگر) **n.** the finger used to pull the trigger on a gun, ie the forefinger of the dominant hand; a condition in which a finger is subject to involuntary muscular spasm, esp where it cannot be straightened when unclenching the fist.بندوق جو گهوڙو هلائڻ واري آڱر، آڱشهد آڱر،آڱشهد آڱر جو سڌو نہ ٿي سگهڻ جي تڪليف.

trigger fish (ٽرگر فش) **n.** a fish of the family Balistidae, having on the first dorsal fin a large front spine which can be locked upright by a second smaller spine. مڇيء جو قسم، شڪار کي ٻاڻيء جي پچڪاري

هئي پريشان ڪري ڪائيندڙ مڇي، گوشت خور مڇي، پچڪاري هڻندڙ مڇي.

trigger-happy (ٽرگر هئپي) **adj.** over-ready to shoot; irresponsibly willing to take the risk of beginning a fight or a war.بندوق هلائي خوش ٿيندڙ، جهيڙو شروع ڪندڙ، ويڙهاڪ، ڦڏائي، جهيڙاڪار.

triggerman (ٽگر مئن) **n.** a gangster's bodyguard; the man who actually fires a shot.ڌوهارين جي تنظيم جو پالتو غنڊو، اڳرائي ڪندڙ، جهيڙو شروع ڪندڙ، ڦڏو ڪندڙ.

triglot (ٽرائگلاٽ) **adj, n.** in or using three languages, trilingual; a book which is written in three languages.ٽن ٻولين ۾، ٽي ٻوليون استعمال ڪندڙ، ٽن ٻولين ۾ لکيل ڪتاب، پستڪ، رسالو.

triglyceride (ٽرائگلسرائڊ) **n.** any of a group of commonly occurring fats, those fatty acid esters of glycerol in which all three hydroxyl groups have had their hydrogen atoms replaced by acid radicals. عام سٿيو يا چربيءِ وارو مادو.

triglyph (ٽرائگلف) **n.** a three-grooved tablet in the Doric frieze.(عمارت سازيءَ ۾) سامهون ڪارنس ۾ ٻيهاريل ٽه خاني ٻيهڪ.

trigon (ٽرائگان) **n.** a triangle; a set of three signs 120 deg apart, the zodiac being divided into four trigons, watery (consisting of Cancer, Scorpio and Pisces), earthly (Taurus, Virgo and Capricorn), airy (Gemini, Libra and Aquarius) and fiery (Aeries, Leo and Sagittarius).ٽه ڪندو، ٽه شاخي، ٽه برج، برجن جي ٽن ٽن جي چئن حصن ۾ ورهاست جو نظام جيڪو هن ريت آهي: (١) پاڻيءَ وارا - سرطان ۽ پسس، (٢) دنياوي - تارس، ڪيپري ڪارن، (٣) هوائي- جيمني، لبرا، اڪئيرس، (۴) آتشي ايريز، ليو ۽ سيجي ٽيريس.

trigonal (ٽرائگونل) **adj.** of a trigon; triangular; trigonous; bounded by three planes; (of symmetry about an axis) such that a rotation through a 120 deg gives the same figure.ٽن ڪندو، ٽڪنڊيارو، ٽه برجي، ٽن ڪندن وارو ٽي پاسا بند شڪل، ٽه پاسي هڪ شڪل (يا هر ماپ) ٻيهڪ.

trigonic (ٽرائگونڪ) **adj.** of trigon; triangular.ٽڪنڊي، ٽه برجي.

trigonous (ٽرائگونس) **adj.** triangular in section or nearly so. ٽڪندو، ٽه رخي، ٽه طرفي.

trigonometer (ٽرگنو ميٽر) **n.** a person skilled in or occupied with trigonometry; an instrument for solving triangles..ٽڪنڊي پيما، ٽڪنڊن جا جواب ڪڍڻ وارو اوزار، ٽڪنڊن جي ماپ لهڻ وارو اوزار.

trigonometrical point (ٽرگنو ميٽريڪل پوائنٽ) **n.** in triangulation, a fixed point whose position as vertex of a triangle is calculated astronomically.ٽڪنڊن جي اها مرڪزي ٻيهڪ جنهن جي ماپ خلا مان يا مشاهدي مان حاصل ڪري سگهجي.

trigonometry (ٽرگنو ميٽري) **n.** the branch of mathematics that deals with the relations between the sides and angles of triangles..علم مثلث، ٽرگون مت، ٽڪنڊي پيمائي، ٽڪنڊي ماپ، ٽڪنڊي جي ڪندن ۽ پاسن جي ماپڻ جو علم.

trigram (ٽرائگرئم) **n.** an inscription of three letters; a figure of three lines.ٽن اکرن واري ٻيهڪ، ٽن ليڪن واري صورت.

trigraph (ٽرائگراف) **n.** a combination of three letters for one sound. ٽن اکرن کي گڏي هڪ اچار ڪڍڻ.

Trigynia (ٽرائجينيا) **n.** in the Linnaean system, an order of plants (in various classes) with three pistils. ٽه مادي، گل جو ٽي مادي عضوو.

trihedral (ٽرائهيڊرل) **adj, n.** having three faces; a figure with a trihedral aspect, formed by three planes meeting at a point.ٽه سطحي، ٽن سطحن جي هڪ جڳهه تي ملي ٺهندڙ صورت.

trihybrid (ٽرائهائبرڊ) **n.** a hybrid differing from its parents in three independently heritable characteristics. ٽه گاڏڙ.

trihydric (ٽرائهائڊرڪ) **adj.** having three hydroxyl groups. ٽه آبي.

tri-jet (ٽرائجيٽ) **n.** an aircraft having three jet engines. ٽن جيٽ انجڻن وارو جهاز.

trilateral (ٽرائلٽرل) **adj, n.** three-sided; of or having three parties or participants; a triangle.ٽه پاسو، ٽه طرفي، ٽن پاسن وارو، ٽڪندو.

trilateration (ٽرائلٽريشن) **n.** a technique involving the measurement of selected sides of a triangulation network, for map-making, surveying etc. ٽڪنڊين شين جي چونڊيل پاسن جي ماپ ڪرڻ جو، نقشي ٺاهڻ ۽ سروي ڪرڻ جو طريقو.

trilby (ٽرلبي) **n.** a soft felt hat with an indented crown and narrow brim; feet.نرم ڪپڙي جو ٽوپلو، سنهيءَ ڪناريءَ وارو چهبنارو ٽوپ، پير.

trilemma (ٽر-ٽرائليما) **n.** a form of argument or a situation differing from a dilemma in that there is a choice of three instead of two.اهڙي قسم جي حالت جو

سرحلو جڏهن چولهہ ڪرڻ لاءِ ٻن جي بجاءِ ٽن سان ڪنهن هڪ جي چولهہ مڪياري يا مرضيءَ واري هُجي.

Trilene (ٽرائلين) **n.** trichlorethylene. ٽہ حصي ايٿلين مادو.

trilinear (ٽرائلينير) **adj.** consisting of, having or referred to three lines. ٽہ لڪيري، ٽن لڪيرن واري بيهڪ.

trilingual (ٽرائلنگوول) **adj.** in or using three languages, esp as native or habitual languages. ٽي ٻوليون ڳالهائيندڙ، ٽہ زباني، ٽہ لساني، ٽن ٻولين وارو.

triliteral (ٽرائلٽرل) **adj.** consisting of three letters. ٽہ حرفي، ٽہ حرفي، ٽن اکرن تي مشتمل.

triliteralism (ٽرائلٽرلزم) **n.** the characteristic (as in Semitic languages) of having roots consisting of three consonants. ٽن غير اچاري اکرن تي مشتمل.

trilith or **trilithon** (ٽرائلٿ يا ٽرائلٿون) **n.** a form of megalithic monument consisting of two upright stones supporting another lying crosswise. ٻن ٿنڀن تي هڪ پٿر رکي ناهيل جڳهہ. ٽلهن تي ٻيهاريل عمارت.

trill[1] (ٽرل) **n, vt, vi.** a trillo; a tremulous sound; a run or roulade of bird-song; a consonant-sound produced by vibration; to play, sing, pronounce or sound with a trill. آواز لرزائي ڳالهائڻ، لهڪائڻ، لهڪڻ، لهرو. ٽرالو، گمڪ، ڏڏڪو، لرزش، آواز جي لرزش.

trill[2] (ٽرل) **vt, vi.** to twirl, roll, trundle; to pour in a fine stream. گهمرالو، ڦيرڻ، ڦيرڻ، گهمرا ني ڏيارڻ، ڏڪڻي، چورڻ، ڦيرو، سنهي ڌار، سنهي ڌار سان وهائڻ.

trilling (ٽرلنگ) **n.** a threefold compound of crystals; one child or triplets. ٽن ڳا چاول، بلوري ٽيڻو مرڪب مادو. ٽن ٻارن مان هڪ ٻار.

trillion (ٽرلين) **n.** the cube of a million; the cube of ten thousand; an enormous number. ڏهہ سنکہ، ڏهن لکن جو چوٽو انگ، ڏهن هزارن جو چوٽو، تمام وڏو انگ، تمام وڏي رقم.

trillium (ٽرليم) **n.** a three-leaved trimerous plant of the genus of the lily family. ٽہ پنو، ٽہ پن ٻوٽي جو قسم، ٽہ پنو ٻوٽو.

trilobate, trilobated or **trilobed** (ٽرائلوبيٽ) **adj.** having three lobes. ٽہ گوشو، ٽہ گونچو، ٽہ حصو، ٽہ اپار.

trilobe (ٽرائلوب) **n.** something that has three lobes. ٽن شاخن يا گونچن وارو.

trilobite (ٽرائلوبائٽ) **n.** any fossil arthropod of the Palaeozoic order, with broad head-shield and body longitudinally furrowed into three lobes. ٽہ حصو جيت، پند پهڻ، اڳوڻي زماني جا مڪڙ يا ٽڏ جي جنس جا جيت.

trilocular (ٽرائلوڪيولر) **adj.** three-celled. ٽہ خانو، ٽہ خاني دار، ٽہ درجو.

trilogy (ٽرلاجي) **n.** any group of three works, such as novels, plays; a group of three related Greek tragedies, orig performed together; a triad. ٽن مختلف ڪمن تي مشتمل، ٽن مختلف صنفن کي هڪ جاءِ تي ڪٺو ڪرڻ، ٽن چئن جو ڳڏجي پروگرام ڪرڻ، ٽن جو ٽولو.

trim (ٽرم) **vt, vi, adj, adv & n.** to put in order or due condition; to embellish; to fit out; to make ready for sailing; to adjust the balance of a (boat, submarine or aircraft); to dress, arrange; to set-in order; to decorate clothes with ribbons, lace, contrasting edging; to make tidy or neat; to clip into shape; to make compact; to reduce the size of, by removing excess; to smooth; to rebuke sharply; to thrash; to cheat; to adjust the inclination of a plane to the horizontal; to balance; to balance or fluctuate between parties, be a trimmer; to adjust one's behaviour as expediency dictates; in good order; neat; tidy; well-kept; clean-cut; slim; trimly; condition for sailing or flight; balance; condition, order; a fit, trim condition; humour, disposition, temper, way; array; fittings; the colour-scheme and chrome parts on the outside of a car or the upholstery, door-handles, inside it; decorative additions to clothes. چانٽي، شاخ تراشي، پاسي صفائي، سنجناٽو، ٺاهوڪو، ٺيڪ ٺاڪ، سنوارڻ، سينگارڻ، وڻ ڇانگڻ، وار ڪترڻ، ٻيڙي پاسا ٺاهڻ، ٺيڪ ڪرڻ، ٽہ آراستہ ڪرڻ، ٺاهوڪو، چانٽڻ، پورو، پوشاڪ، ٺاهہ ٺوهہ، مکيو چکيو، سنجيلو، سنجورو، سنجيو ڪنجيو، سِٽو، سمنگيو، سڻو سپهتو، ٺيڪ ٺاڪ ڪرڻ، چلڪائڻ، سجلائڻ، سجائڻ، ٺاهڻ لڪڻ، ٺاهہ ٺوهہ ڪرڻ، ڏمال ڪيڻ، (ڏيئي جو) ڦلو لاهڻ، (ٻاهہ) ڪڙي ڪرڻ، ٻئي پاسا مارڻ، زبان سازي ڪرڻ، پوشاڪ، آرائش، ٺاهہ ٺوهہ، سجل، چڪہ مڪہ، حالت، سفر لاءِ جهاز جي سج ڌج، صحيح بيهڪ ۾ آڻڻ، (ڪپڙن کي) ڏوريون پٽيون لڳائي سهڻو بنائڻ، لڳڻ، ڪٽڻ، وڙهڻ، مارڻ، گهٽ وڌ ڳالهائڻ، چند پٽڻ، سٺي بيهڪ بيهارڻ، پاڻ ۾ لهڪائڻ.

trimaram (ٽرائمرئن) **n.** a boat with three hulls. ٽن ڪشتن وارو جهاز، ٽن خانن (مال پرڻ) وارو جهاز.

trimer (ٽرائمر) **n.** a substance in which molecules are formed from three molecules of a monomer. ٽہ عنصر مادو.

trimeric (ٽرائميرڪ) **adj.** having the same empirical formula but a relative molecular mass three times as great. ٽہ مادي، هڪ جهڙن عنصرن تي مشتمل پر هڪ فرق سان ٽہ مادي.

ٻه ٽين قوت واڌو هجي.

trimerous (ٽرائميرس) **adj.** having three parts, or parts in three. ٽه حصو، ٽن حصن وارو، ٽن حصن ۾ ورهايل.

trimester (ٽرميسٽر) **n.** three months; an academic term.. ٽن مهينن جو ڪورس، ٽن مهينن ۾ ختم ڪرڻ جهڙو پروگرام.

trimeter (ٽرميٽ) **n, adj.** a line of verse of three measures (dipodies or feet).بيت جي هڪ سٽ شعر جي. هڪ سٽ.

trimetric or trimetrical (ٽرميٽرڪ يا ٽرميٽريڪل) **adj.** consisting of three measures, esp iambic.ٽه وزني سٽ واري بيهڪ.

trimethyl (ٽرائميٿائل) **adj.** containing three methyl radicals in combination. ٽه ايٿائل حصا مليل مرڪب مادو.

trimethylamine (ٽرائلميٿائلامين) **n.** a gas $(CH_3)_3N$, obtainable from herring-brine, corresponding to ammonia with methyl replacing all the hydrogen.مڇيءَ مان حاصل ڪيل گئس وارو مادو.

Trimetrogon (ٽرائميٽروگان) **n, adj.** applied to a technique of aerial photography using three cameras, which increases the range and detail of the coverage.هڪ ئي وقت ۾ ٽن مختلف ڪئميرائن سان هوائي جهاز رستي فوٽو ڪڍڻ جو طريقو.

trimmer (ٽرمَر) **n.** one who or a thing that trims; a person who fluctuates between parties, adjusting his or her opinions, to match his or her changing loyalties; a time-server; a scold; anything trouncing or redoubtable; a small horizontal beam on a floor into which the ends of joists are framed; a float bearing a baited hook and line, used in fishing for pike; a trimming; something fine, excellent, approved.ڪاٽ ڇانٽ ڪرڻ وارو، زمان ساز، ڪٽر، باغائيءَ جي قينچي، ڇانگ جو اوزار، وقت جو يار، مختلف ڌرين جي وچ ۾ اچڻ وڃڻ وارو ماڻهو، ٽڪ ٽيڻ، دٻ، مڇيءَ جي ٿڪ کي ٻڌل وزن وارو شيهي جو لڪر، جهالر، ڏوري پٽي، ڪاتمار سٺي يا بهترين شيءِ، منظور ڪيل ، قبوليل، ٺلهه، ٺٽ.

trimming (ٽرمنگ) **n. adj.** act of one who trims; making trim; balancing; clipping; a sharp rebuke; ornamental additions; accessories; sauces and other accompaniments for a dish; fittings; parts trimmed off; that trims. ڇانٽ، زيبائش جون شيون، ڇانٽ پٽيون، پاٻڪو، ڇانٽي، ڇانگ، صفائي، شاخ تراشي، ڇانٽي ڪيل حصا، ٻوڙ سان گڏ ملندڙ ٻيون شيون، ڇانگيندڙ، ڇليندڙ، ڇانگ يا ڇانٽي ڪندڙ.

trimming tab or trim tab (ٽرمنگ ٽئب يا ٽرم ٽئب) **n.** a tab or aerofoil on an aircraft or boat, that can be adjusted in mid-passage to trim the craftهوا ۾ اڏڻ واري بيهڪ، جهاز يا ٻيڙيءَ ۾ اهڙي وزندار شيءِ جيڪا وزن برابر ڪرڻ لاءِ ضرورت واري جاءِ تي رکي سگهجي.

trimonthly (ٽرائمنٿلي) **adj.** every three months.هر ٽئين مهيني، ٽئين مهيني نڪرندڙ رسالو، ٽه ماهي، ٽه ماهي مخزن.

trimorphism (ٽرائمارفزم) **n.** occurrence of three forms in the same species; the property of crystallizing in three forms. ٽه شڪلي، ٽه روپي، ٽن صورتن ۾ قلمي بناوت.

trim size (ٽرم سائيز) (printing) the size of a book once its pages are trimmed.ڪتاب جي ڇپائي کان پوءِ ڪٽي جلد بندي ڪري بيهاريل ماپ.

Trimurti (ٽرمورتي) **n.** the Hindu trinity, Brahma, Vishnu, and Siva.هندن جي مذهبي عقيدي جا ٽي بنيادي انگ (برهما، وشنو، شِو).

trin (ٽرن) **n.** a triplet (by birth). ٽي گڏ ڄاول ٻار.

Trinacrian (ٽرنيڪرين، ٽرائنيڪيرين) **adj.** Sicilian; three-pointed; with three extremities.سسليءَ جو، ٽن ڇهنبن وارو، ٽن ڇيڙن وارو.

trinacri-form (ٽرنئڪريفارم) **adj.** three-pronged..ٽه نوڪ، ٽه شاخ شڪل، ٽه ڇهنبارو.

trindle (ٽرنڊل) **n, vt, vi.** one of several thin species of wood, which hold the spine of a book flat while the front edge is trimmed; a wheel, esp of a barrow; to roll, to trundle.ڪاٺ جي سنهي پٽي جنهن سان جِلد بنديءَ ۾ پٺ کي هڪ جهڙي بيهڪ ڏني ويندي آهي، لنڊو ڦيٿو، رول، ويڙهڻ، سوڪڻ.

trine[1] or **trinal** (ٽرائن، ٽرائنل) **adj, n. vt.** threefold; (of the aspect between two planets) 120 deg apart; hence benign; a triad; the aspect of two planets, as seen from the earth, distant from each other one-third of the zodiac or 120 deg; a triplet; to join in trine aspect.ٽيڻو، ٽي عدد، ٽي دفعا، هڪ سو ويهه درجا پري واري بيهڪ، غير نقصانڪار، ٽن جو ٽولو، ٻن گرهن جي لاڳيتي (هڪ سو ويهه درجن تي) بيهڪ، ٽن تي مشتمل، ٽپائي، ٽن مصرعن وارو شعر، ٽڪڙ.

trine[2] (ٽرائن) **vi.** to go. وڃڻ، هليو وڃڻ، نڪري وڃڻ.

tringle (ٽرنگ) **n.** a curtain-rod (Fr). پردي لٽڪڻ واري سيخ.

Trinidadian (ٽرنيڊڊين- ٽرنيڊيڊين) **adj. n.** of or pertaining to the island of Trinidad in the West Indies; a native of Trinidad.ٽرني ڊاڊ ملڪ جو رهاڪو، ٽرني ڊاڊ جي باري ۾.

triniscope (ٽرائني اسڪوپ) **n.** a cathode-ray tube for colour television.رنگين ٽيليويزن جو روشني ڏيندڙ ٽيوب، رنگ

ظاهر ڪندڙ اوزار.

trinitro- (ٽرئنا ٽرو) combining form : denoting (a compound) having three nitro-groups (NO_2) esp replacing hydrogen. ٽن ڪيميائي مرڪب مادن وارو عنصر.

trinitrate (ٽرائناٽرئٽ) **n.** a nitrate with three nitrate groups in the molecule. ڪيميائي مادو.

trinitrin (ٽرائناٽرن) **n.** glyceryl trinitrate or nitroglycerine, used to treat angina pectoris.. ڪيميائي مادو. جيڪو دل جي سور ۾ دوا طور ڪتب اچي ٿو، طبي مادو.

trinitrobenzene (ٽرائيٽروبينزين) **n.** $C_6H_3(NO_2)_3$, corresponding to benzene C_6H_6. ڪيميائي مادو.

trinity (ٽرنٽي) **n.** threefoldness; three in one; a triad, esp the triune God orthodox Christians (Father, Son and Holy Ghost). تثليث، ٽه مورتي، ترتائي، ثالوث، ٽن. جي هڪ ۾ موجودگي، ٽياڱي، عيسائين جو هڪ عقيدو ته الله ٽن شين ۾ آهي (پيءُ، پٽ ۽ پاڪ روح يا حضرت جبرئيل).

trinket (ٽرنڪيٽ) **n. vi.** a small ornament or piece of jewellery; a trifle; any paltry object; a despised religious observance; a delicacy; to intrigue; to traffic; to have secret or underhand dealings. ڳهه، ڇلو، منڊي، ڪچ، ڪانو ڪچ، ڪوڏ ڪچ، ڪچرو، ننڍو زيور ، هلڪو ڳهڻو يا زيور، معمولي شيءِ، ونڊڙ، مزيدار، مخفي تعلق.

trinomial (ٽرائنومَيل) **adj, n.** consisting of three terms (for genus, species and subspecies or variety); consisting of three terms connected by the plus or minus sign; a trinomial name or expression.. ٽه پدو. ٽه رقمي، ٽه نالو، ٽن نالن وارو، ٽن پدن واري اهڙي رياضي علامت جيڪا واڌو ۽ ڪاٽو نشانين سان لاڳاپيل هجي، ٽه اسميون، ٻولي يا جانور جو ٽن لفظن وارو نالو.

trio (ٽريو) **n.** a set of three; a composition for, or combination of, three performers; the second section of a minuet, scherzo, or march, followed by a repetition of the first section.. ٽن تي ٻڌل، ٽيڙو، ٽي دفعا. ٽياري، ٽي ڄڻا ڳڏ، ٽه سُرو راڳ، ٽه سازو راڳ، ٽه پيري، ٽن راڳن جو ميل، ٽن جي ياري، ٽه ياري، ٽي ڄڻا ڳڏ، ٽه پٽي راند.

triode (ٽرائوڊ) **adj, n.** with three electrode; a three-electrode valve. ٽه برقي، ٽه برقيري.

Triodion (ٽرائوڊلان) **n.** a service-book for the ten weeks before Easter. ايسٽر جي ڏڻ کان ڏهه هفتا اڳ شروع ڪرڻ واري عبادت ۽ دعائون.

trioecious or triecious (ٽرائيشس) **adj.** (of an order of plants) having male, female, and hermaphrodite flowers on different individuals. ٽه گلو، ٽه گل، ٽن قسمن جي گلن وارو ٻوٽو.

triolet (ٽرائوليٽ) **n.** an eight-lined poem rhymed (Fr). اٺن سٽن وارو بيت يا شعر.

trioxide (ٽرائوڪسائڊ) **n.** a compound with three atoms of oxygen. ٽه حصه آڪسيجن مداري مايو.

trip[1] (ٽرپ) **vi, vt, n.** to move with short, light steps or skips; to stumble or catch one's foot; to make a slip in accuracy, virtue; to tip up, tilt; to make an excursion; to experience the hallucinatory effects of LSD or similar drug; to cause to stumble or fall by catching the foot; to catch in final fault; to dance trippingly; to trip or dance upon; to release (an anchor) from the sea bed, by a long rope; to release or operate (a switch or piece of machinery) by striking; to tilt up.. هلڪو پير کڻڻ، تيز قدم هلائڻ، ٻاهرَجڻ، اٽڪڻ، ڀلڻ، خطا ڪرڻ، غلطي ڪرڻ، ٿيڙڻ، ٿابڙائڻ، ٿڏو ڏيڻ، ڦڙتي هڻڻ، خطا ڪرڻ واري حالت ۾ پڪڙڻ، سفر، گهمڻ ڦرڻ، مسافري، تفريح، ٻُور، شغل، سَفر، رَس، لڳ، گهرو، ڪيپ، اَٽڪ، ٿڏو، خطا، ڀل، چوڪ، الڪڙي، جالٺو، (ملهه ۾) ڦڙتي، ٿابو، الڪڙي، لنگر کڻڻ، (مشينري) هلائڻ.

trip[2] (ٽرپ) **n.** a small flock of sheep, wildfowl, etc. رڍن جو ننڍو ڌڻ، جهنگلي پکين جو لولو، آڙين ۽ بدڪن جو ولر.

tripartite (ٽرائپارٽائٽ) **adj.** in three parts; split in three nearly to the base; relating to three parties.. ٽه طرفو. ٽن ڌرين وچ ۾. اهو دستاويز جنهن جون ٽي ڦار ڌريون هجن، ٽن حصن ۾ ورهايل، ٽه ڦاڪو، ٽه ڀاڱو، سجزي، ٽن ٽڪرن ۾، ٽه پاسو، ٽه تهه، ٽه شاخي، ٽه جزو.

tripartism (ٽرائپارٽيزم) **n.** an established system of dialogue between three related groups, spec. government, employers, and unions, for mutually acceptable planning and follow-up; division into three parts, esp political parties. ٽن ڌرين وچ ۾ ڳالهين ٻولهين جو سرشتو، ٽن حصن واري ورهاست، ٽه جزي، ٽن سياسي جماعتن جي درميان.

tripe (ٽرائپ) **n.** parts of the compound stomach of a ruminant, prepared as food, ie the paunch or rumen; and the smaller reticulum; rubbish, poor stuff; claptrap; entrails.. اوجهري، اوجهه، آنڊا، آنڊا گوڏڙا، جانور جا اندريان کاڄرو ۽ غير کاڄرو عضوا.

tripedal (ٽرائپيڊل) **adj.** three-footed. ٽه پيرو، ٽه ڦيٿو، ٽن پيرن وارو.

tripersonal (ٽرائپرسنل) **adj.** consisting of three persons. ٽن ماڻهن مداري، ٽن ماڻهن تي ٻيهاريل.

tripetalous (ٽرائپيٽلس) **adj.** three-petalled.. ٽه گل پنکڙيو، ٽه پنکڙي وار، ٽه پنکڙي.

trip hammer (ٽرپ هئمر) **n.** a tilt hammer.مترڪو، مترڪي، جو قسر، مارتول.

triphenyl- (ٽرائفينل) combining form : denoting (a compound) consisting three phenyl radicals.ٽي حصا فنائل جا جڙا مليل ڪيميائي مادي لاءِ.

triphenylamine (ٽرائفينلامين) **n.** a crystalline compound corresponding to ammonia with all the hydrogen replaced by phenyl.هائڊروجن بدران فينائل وٺل قلمي يا بلوري مرڪب مادو.

triphenylmethane (ٽرائفينلا ميٿين) **n.** a crystalline solid used in the preparation of dyes.بلوري مادو جيڪو رنگن تيار ڪرڻ ۾ ڪم اچي ٿو.

triphibious (ٽرائفبيس) **adj.** (esp of military operations) taking place on land, in the water and in the air.(فوجي عمل) جيڪو زمين، پاڻيءَ ۽ هوا ۾ هڪ ئي وقت جاري هجي، هڪ ئي وقت زميني، هوائي ۽ بحري جنگ.

triphone (ٽرائفون) **n.** a shorthand sign representing a triphtongal sound. آواز کي ٽروار ڪندڙ لنيو اکر يا نشان.

triphtong (ٽرڪانگ) **n.** a combination of three vowel sounds in one syllable; a trigraph.ٽن اچارن مداري اچار جيڪو لفظ کي مڪمل معنيٰ ڏئي.

triphyllous (ٽرائفلس) **adj.** three-leaved..ٽه پن، ٽه پتي دار. ٽن پن وارو، ٽه پنو.

Triphysite (ٽرفزائٽ) **n.** a believer in the existence of three natures in Christ, ie human, divine and a third resulting from the union of these.عيسائي عقيدي مطابق اهو ماڻهو جيڪو عقيدو رکي ته حضرت عيسيٰ عليه السلام انسان هو، صرف نور هو، انسان ۽ نور هڪ جاءِ هو.

tripinnate (ٽرائپنيٽ) **adj.** pinnate with the pinnae themselves pinnate, and their pinnae again pinnate. ٽه پرو، ٽه ڪنيو، ٽه ڪنب، ٽه پردار، ٽن ڪنين وارو، ٽن پن وارا بوٽا، ٽن پن وارا فرن بوٽا.

Tripitaka (ٽرپٽاڪا) **n.** the whole body of the northern Buddhist canonical writings, comprising the sutras, or discourses of the Buddha for the laity, Vinaya or discipline for the order and Abhidharma, or metaphysics.ٻڌ مت وارن جي مذهب جي مڪمل هئڻ واري حالت، مڪمل ٻڌمت جا متا، اصول، ڪتاب، هدايتون، ٻڌمت دين بابت سڀ ڪجهه شامل مواد.

triplane (ٽرائپلين) **n.** an aeroplane with three sets of wings, one above another..ٽه سطحي، ٽه تختو هوائي جهاز. پرن جي ٽن سطحن وارو هوائي جهاز.

triple (ٽرپل) **adj, n, vt, vi.** three folding; treble; consisting of three; three times as much; third; a quantity three times as much; a thing that is triple; a peal of bells interchanging in three sets of two; a betting system requiring that the horses which finish, first, second and third in a race are selected in correct order; to treble..ٽيڻو، ٽي عدد، ٽي دفعا، ٽيڻو ڪرڻ. ٽيون، ٽيڻي حالت ۾ شيءِ، ٻن گھنٽين جا ٽي سيٽ، ٽن گھوڙن جي پهرين ٽن نمبرن ۾ اچڻ تي لڳايل هڪ ٿي شرط.

triple acrostic (ٽرپل اڪروسٽڪ) **n.** an acrostic using the first, middle and last letters.اهڙي ڳجهارت جنهن جا ٽي اکر ٽن مختلف لفظن ۾ ٽن مختلف هنڌن تي شامل هجن.

triple crown (ٽرپل ڪرائون) **n.** a pope's tiara; a victory by England, Scotland, Wales or Ireland in all three matches against the others in the series played each season (Rugby football)..پوپ جو تاج يا ڇٽ. انگلينڊ جي مختلف صوبن درميان کيڏيون ويندڙ رائدين (رگبي) جي هر ميچ کٽڻ واري حالت، مڪمل جيت.

triple glazing (ٽرپل گليزنگ) **n.** glazing formed by three layers of glass with the optimum air space between each layer for insulation and/or soundproofing.شيشي کي ٽن تهن ۾ بيهارڻ تنهن جيئن ٻاهرين آب هوا جو اثر ۽ آواز اندر نه اچي سگهي ۽ نه ٻاهر وڃي سگهي.

triple jump (ٽرپل جمپ) **n.** an athletic event, formerly called the hop, skip and jump, the object of which is to cover the longest possible distance.رانديڻ جي اهڙن مقابلن ۾ حصو وٺڻ جيڪي ٽن حصن تي مشتمل هئا.

triple play (ٽرپل پلي) **n.** (Baseball) the act of putting out three players (two runners and the batter) from one batted ball.(بيس بال ۾) هڪ ئي بال تي ڏڪ هڻڻ وارو ۽ ٻه ڊوڙڻ وارا رانديگر ڪاپائڻ.

triple point (ٽرپل پوائنٽ) **n.** the temperature and pressure at which solid, liquid and gaseous phases of a substance can co-exist, esp triple point of water, 273.16 K and 610N/m-2.ٽه نقطو، گرمي پد واري اها حالت جنهن ۾ هڪ ئي مادو سخت، پاڻياٺ ۽ گئس واري موجود حالت ۾ بنا مٽ سٽ جي رهي سگهي.

triplet (ٽرپليٽ) **n.** three of a kind, or three united; three lines of poetry rhyming together; a group of three notes occupying the time of two, indicated by a slur and the figure 3; one of three people or animals born at one birth; a state in which there are two unpaired electrons; a cycle for three riders..ٽيلهڙو، ٽيون جڻو، ٽه جڙو، ٽريڏ، ٽن ڄاول ٻارن مان هڪڙو. ٽيائي، ٽي ڳڏ، مثلث، ٽي فرد، ٽي نقل ڪرڻ، ٽن نقلن يا فردن ۾ تيار ڪرڻ، ٽن مصرعن وارو شعر.

triple time (ٽرپل ٽائيم) **n.** time or rhythm of three beats, or of three times three beats, in a bar.ٽہ سري وجت، موسيقيءَ جي وجت جو طريقو.

triple-turned (ٽرپل ٽرنڊ) **adj.** three times faithless.ٽي دفعا ايمان وڃائيندڙ، ڪافر، مشرڪ لادين، بي دين.

Triplex ® glass (ٽرپليڪس گلاس) **n.** a combination of glass and mica in three layers; toughened or laminated safety glass for car windows.ڪارين ۾ ٻين موٽر گاڏين لاءِ خاص طور تيار ڪيل شيشو جيڪو ڀڄڻ وقت ذريون ذريون ٿي ويندو آهي.

triplicate (ٽرپليڪيٽ) **adj, n, vt.** threefold; made thrice as much; equal to the cube of the quantity; a third copy or thing corresponding to two others of the same kind; the third power or cube; to make three fold.ٽيڻو، ٽيون نقل، ٽہ لڙها، ٽي دفعا، ٽي نقل ڪيڻ، ٽي فرد، ٽن فردن يا ٽن نقلن ۾ تيار ڪرڻ، ٽہ گنو، ٽيون مَدَ، چورسي جي ماپ جو ٽيون انگ، ٽيڻو ڪرڻ.

triplication (ٽرپليڪيشن) **n.** the act of triplicating; a reply to a duplication.ٽيڻ، ٽيڻائي، ٽيڻ بندي، ٽيڻو ڪرڻ جو عمل، ٻن مان ٽيون ڪيڻ.

triplicity (ٽرپليسٽي) **n.** tripleness; a triad; a trigon..ٽيڻ، ٽيڻائي، ٽن جو ٽولو، ٽن مداري، ٽہ ڪنڊو، ٽہ شاخي، ٽہ برج.

triploid (ٽرپلائڊ) **adj.** having three times the haploid number of chromosomes..ڏيڍوڻ انگ وارو رنگين جسم، ڏيڊولي قوت رکندڙ مادو، ٽہ رنگي، ٽہ نسل منتقلي جيوڙو.

triploidy (ٽرپلائڊي) **n.** the state of being triploid.ٽيون نسل، ٽين پيڙهي.

triply (ٽرپلي) **adv.,vt, vi.** a pursuer's reply to a defender's duply; to reply to a duply.عدالت آڏو معاملو آڻيندڙ طرفان ڏنل جواب دعوي جو جواب، جوابي حلف جو جواب.

tripod (ٽرائپاڊ) **adj.** anything on three feet or legs, esp a stand for an instrument; the stool on which the priestess at Delphi sat to deliver an oracle.ٽپائي، ٽہ پيرو، ٽہ چنگهو، ٽن پيرن وارو، ٽِپائو، ٽن پيرن وارو اسٽول يا ٽڪساٽ.

tripody (ٽراپاڊي) **n.** a line of verse or group of three feet. ٽن مصرعن وارو گيت.

tripoli (ٽرپلي) **n.** diatomite..پاڻي صاف ڪرڻ جو ٻورالو پٿر، شيشي ريتيءَ جو پٿر جيڪو سَنو فلٽر آهي.

tripos (ٽرائپوس) **n.** any of the honours examinations for the BA degree at Cambridge; any of the recognized courses leading to the BA at Cambridge; the list of successful candidates in it; a tripod.ڪيمبرج يونيورسٽيءَ ۾ ٽن سالن وارو بي اي جو ڪورس، بي اي آنرس جو ڪورس ڪندڙ، پاس ٿيندڙن جي فهرست، ٽپائي.

trippant (ٽرپنٽ) **adj.** tripping with right foot raised. (ناچ ۾) تيز قدم هلائڻ مهل ساڄو پير مٿي ڪري نچڻ.

tripper (ٽر پر) **n.** someone who trips; an excursionist, esp of the disturbing kind; a device that when struck, passed over, operates a switch.تيزرو، تيز ناچ ڪرڻ وارو، ناچ ۾ ٽپ ڏيڻ وارو، گهوماڪڙ، مسافر، سئلاني، هڪ اهڙي بيهڪ جنهن کي ڌڪ هڻڻ يا ٽپ ڏيڻ ڪري ٻيو عمل جاري ٿئي.

tripperish or trippery (ٽرپرش يا ٽرپري) **adj.** of, like or reminiscent of the vulgar or noisy tripper.گوڙيلو يا شوريلو ناچو، بدزيبو ناچ ڪندڙ.

trippet (ٽرپٽ) **n.** a trivet; in a machine, a piece which projects in order to strike another part of the mechanism regularly.ٽپائي، ٽہ پيري بيهڪ جنهن تي ڪو ٿانءُ رکي سگهجي، ڪنهن مشين جو ٻاهر لڪتل حصو، جيڪو ٻئي حصي کي هلائي.

tripple (ٽرپل) **n.** a horse's ambling canter, between a fast walk and a slow trot.گهوڙي جي ڏگ ڊوڙ، ٽہ تيز ٽہ هلڪي چال، ڏلڪي چال.

tripsis (ٽرپس) **n.** pulverization; shampooing; massage. سفوف سازي، مالش، چورو، صفائي، مهٽ سهٽ، زور ڏيڻ.

triptane (ٽرپٽين) **n.** trimethyl butane, a powerful aviation fuel. هوائي جهازن جي استعمال وارو تيل.

tripterous (ٽرپٽيرَس) **adj.** three-winged.ٽہ پرو، ٽہ ڪنبو، ٽہ بازو، ٽن پرن وارو، ٽن ٽنين يا ٽن حصن ۾ ورهايل عمارت، مڙهي، مندر وغيره.

triptote (ٽرپٽوٽ) **adj, n.** used in three cases only; a triptote word. ٽن حالتن ۾ استعمال ڪرڻ وارو لفظ.

triptych (ٽرپ ٽڪ) **n.** a set of three tablets, painted panels, hinged together as one work of art.ٽہ عڪسي تصوير، ٽن حصن ۾ ورهايل ساڳي منظر جي تصوير.

triptyque (ٽرپ) **n.** an international pass for a motorcar (Fr).موٽر گاڏي يا ڪار هلائڻ لاءِ دنيا ڀر ۾ ڪار آمد اجازت نامو يا سند.

tripudium (ٽرائپيو) **n.** an ancient Roman religious dance in triple time, or dance generally; divination from the hopping of birds feeding, or from the dropping of scraps from their bills.پراڻي روم جي زماني جو هڪ مذهبي ناچ، پکين کي داڻو چڳائي ان مان فال وٺڻ.

trip wire (ٽرپ وائر) **n.** a wire which releases some mechanism when pulled, eg by being tripped over.اهڙي تار يا ڏوري جنهن کي لڱڻ يا هٿ لائڻ ڪري ٻيو لاڳيتو نظام متحرڪ ٿي وڃي، کوڙڪيءَ جي ڏوري.

triquetra (ٽرائڪوِيٽرا) **n.** an ornament consisting of three interlaced arcs, common in early art in northern Europe.يورپ جي اڳوڻي زمـــاني جو ٽہ سَرو هار، ٽہ هِلالي بيهڪ.

triquetral or **triquetrous** (ٽرائڪويٽرل يا ٽرائڪويٽرس) **adj.** triangular; three-edged with concave faces. ٽڪندو، ٽہ سطحي، ٽہ منهون.

triquetrum (ٽرائڪويٽرم) **n.** a wormian bone.فوٽ هڏي، درزي هڏي.

triradiate (ٽرائريڊيئيٽ) **adj.** three-rayed.ٽہ شـعـاعي، ٽہ ڪرڻو.

trireme (ٽرائرِيم) **n.** an ancient Greek galley, esp a war-galley, with three banks of rowers.يوناني جنگي ٻيڙو، ٽن جٽن وارن چپوئن وارو ٻيڙو.

trisaccharide (ٽرائِسڪرائڊ) **n.** a sugar that hydrolyses into three molecules of simple sugars.مٺاڻ جو قسم، تيز مٺاڻ، کنڊ.

trisect (ٽرائسيڪٽ) **vt.** to cut or divide into three equal parts. ٽہ ڀاڱو، ٽہ ٽڪرو، ٽن برابر حصن ۾ ورهائڻ.

trisector (ٽرائسيڪٽر) **n.** a person who trisects, esp a person who thinks he or she can trisect an angle by Euclidean methods (ie using straight-edge and compasses) which has been proved to be impossible; a line that trisects.ٽن حصن ۾ ورهائيندڙ ماڻهو ڪنڊ کي ٽن حصن ۾ ورهائڻ وارو قابل ماڻهو. ٽي حصا ڪندڙ اوزار يا ليڪ.

trisectrix (ٽرائسيڪٽرڪس) **n.** a curve of polar equation by which an angle can be trisected.اهڙي ڪنڊ جنهن رستي ٽہ ڪنڊي کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي.

triseme (ٽرائسيم) **adj, n.** equal to three short syllables; a trisemic foot, the tribrach, iamb or trochee. ٽن اچارن برابر، ٽہ اچارو لفظ يا پد.

trishaw (ٽرائشا) **n.** a three-wheeled light vehicle pedalled by a driver behind the passenger seat.سائيڪل رڪشا جنهن ۾ هلائيندڙ پويان ۽ مسافر اڳيان وهندا آهن.

triskaidekaphobia or **triskaidecaphobia** (ٽرسڪائڊ يڪا فوبيہ) **n.** fear of the number thirteen.تيرهن جي انگ کان ڊڄ ڪائيندڙ، تيرهن جي انگ کي پنهنجي لاءِ نقصان ڪار يا هاڃيڪار سمجهندڙ.

triskaidekaphobe (ٽرسڪائڊ يڪا فوب) **n.** a person who suffers from triskaideka-phobia.تيـــرهن جي انگ جو ستايل.

triskele (ٽرِسڪِيل) **n.** a figure consisting of three radiating curves or legs, as in the arms of the Isle of Man. . ٽہ شعاعي يا ٽن ٽرورن واري بيهڪ (آئل آف مئن ۾ موجود)

Trismegistus (ٽرسمجسٽس) **adj.** thrice greatest, an epithet of Thoth, the Egyptian moon-god.هڪ مصري چنڊ جي ديوتا جي طاقت ۽ قدرت جو ماڻ جيڪو هر ڪنهن کان ٽيڻون طاقت ور هو.

trismus (ٽرزمَس) **n.** tetanic spasm of the muscles of mastication, causing difficulty in opening the mouth.چاڙي بند مـرض، جانورن جو هڪ مـرض جنهن ڪري اُنهن کي چاڙي کائڻ ۾ تڪليف ٿيندي آهي، ڏند پوڻ.

trisoctahedron (ٽرسوڪٽا هيڊرن) **n.** a solid with twenty-four faces, three for every face of an octahedron. چوويهہ سطحي مجسم.

trisome (ٽرائسوم) **n.** a chromosome that occurs three times in a cell instead of twice; a trisomic individual.رنگين جسم جيڪو جيو گهرڙي ۾ ٽن حصن ۾ موجود هوندو آهي (ٻجاءِ ٻن جي)

trisomic (ٽرائسو مڪ) **adj.** designating an otherwise normal diploid organism in which one chromosome type is represented thrice instead of twice.جيو گهرڙي جي اها حالت جو ان ۾ ٻجاءِ ٻن جي ٽي رنگين جسم موجود هجن.

trist or **triste** (ٽرسٽ) **adj.** sorrowful; dismal..غمگين، ڏکايل، دلگير، غمناڪ، ملول، سوڳي، ڏک ڀرڙو.

tristesse (ٽرسٽيس) **n.** sorrow, grief, melancholy..ڏک، ڏک، غم رنگ، ارمان، افسوس، ويڌن، روڄن، ماتم، سوڳ.

tristich (ٽرِسٽڪ) **n.** a group of three lines of verse..ٽيڙو، ٽن سٽن وارو بيت، ٽہ سٽو.

tristichous (ٽرِسٽڪَس) **adj.** arranged in three vertical rows; in or having three rows. ٽہ قطاري، ٽہ لڙهو.

tristimulus values (ٽرسٽيميولس) **n.** amounts of each of three colour primaries that must be combined to form an objective colour match with a sample. موجود رنگ سان رنگ ملائڻ جو هڪ طريقو، رنگ ٻيهارڻ.

trisula (ٽِرسُولا) **n.** the trident of Sivaشِوديوتا جو ٽہ شـاخو هٿيار.

trisulcate (ٽرائسلڪيٽ) **adj.** having three forks, grooves or furrows. ٽہ نوڪي، ٽہ آڱريو، ٽہ جهري دار.

trisulphide (ٽرائسلفائڊ) **n.** a sulphide with three atoms of sulphur to the molecule.ٽہ حـصـہ بارودي مـادو، ٽہ گندرفو.

trisyllable (ٽرسليبل) **n.** a word of three syllables.ٽہ پدو، ٽہ اکرو لفظ، ٽہ ماترائون لفظ، ٽن پدن وارو.

tritagonist (ٽرٽگنسٽ) **n.** the third actor in ancient

Greek drama.يوناني ڊرامي جو ٽيون ڪردار (عام طور مخالف يا دوشي).

tritanopia (ٽرائنوپيہ) **n.** inability to distinguish the colour blue.نيرو رنگ نہ سڃاڻي سگهڻ واري حالت، نيري رنگ ڪورائي.

trite[1] (ٽرائيٽ) **adj.** worn; threadbare; stale; worn-out; well-trodden; used till novelty and interest are lost; hackneyed. ڪُهنو، پراڻو، عام، ڪمايل، رواجي، ساڳارڻ، جام استعمال ٿيل.

trite[2] (ٽرائيٽ) **n.** the third string the lyre or tone of the tetrachord, reckoned downwards.سرندي يا ٽہ تاري ساز جي ٽين تار.

triternate (ٽرائٽرنيٽ) **adj.** thrice ternate, ie ternate with each division ternate, and each again ternate. ٽہ ڪَنڊي بيهڪ، هر طرف کان ٽڪنڊي نظر ايندڙ صورت.

tritheism (ٽرائيٿيزم) **n.** belief in three Gods; belief that the Father, Son and Holy Spirit are actually different beings or gods.ٽن خدائن ۾ ايمان، عيسائين جو هڪ عقيدو جنهن ۾ هو الله، حضرت عيسيٰ عليه السلام ۽ حضرت جبرئيل کي ٽي جُدا خدا ڪري سمجهندا آهن.

trithionic (ٽرائٿايونڪ) **adj.** containing three sulphur atoms (trithionic acid, $H_2S_3O_6$). ٽہ گندرفي (ذرات).

tritical (ٽرٽيڪل) **adj.** trite, common..پراڻو، ڪُهنو، عام، رواجي، ڪمايل.

triticale (ٽرٽيڪيل) **n.** a hybrid cereal grass, a cross between wheat and rye, grown as a food crop رائي يا آهر ۽ ڪڻڪ جي گاڏڙ جنس، سني ۽ هلڪي جنس ملائي ناهيل ڪڻڪ.

Triticum (ٽرٽيڪم) **n.** the wheat genus of grasses.جنس ڪڻڪ، ڪڻڪ جنس جو ٻوٽو يا گاهہ.

tritide (ٽرٽائڊ) **n.** a compound of tritium with another element or radical. هائڊروجن جو مرڪب مادو.

tritium (ٽرشيم) **n.** an isotope of hydrogen of triple mass. هائڊروجني مادي جو عنصر.

Tritoma (ٽرٽوما) **n.** a synonym of Kniphofia.ٽہ شاخي، ٽہ وڏائون، ڳاڙهي گل وارو نيلو فريا ڪنول جنس جو ٻوٽو.

triton (ٽرائٽن) **n.** the nucleus of tritium, composed of one proton and two neutrons..هائڊروجني عنصر جو مرڪز.

Triton (ٽرائٽن) **n.** a minor Greek sea-god, son of Poseidon and Amphitrite, represented with a dolphin's tail, and sometimes horse's forelegs, blowing a conch; the attendants of Poseidon; applied to a sailor or a ship; a genus of large gasteropods with shells that can be used like conchs; a disused generic name for newts; the larger of the two satellites of the planet Neptune, the other being Nereid.يوناني ننڍو ديوتا جيڪو پوسڊن ديوتا ۽ ائمفرائٽ ديويءَ جو پٽ هو ۽ ان کي ڊولفن مڇيءَ جهڙو پڇ (پويون ڌڙ) هو ۽ ٽنگون گهوڙي وانگر، يوناني ٻلهڻ ديوتا، سنکي ڪوڏ، ساندي جو پراڻو نالو، عطارد گرهہ جو هڪ چنڊ.

tritonia (ٽرائٽونيہ) **n.** a plant of the genus of iridaceous of S African plants, sometimes called montbretia. آفريڪا جو هڪ ٻوٽو.

tritubercular (ٽرائٽيوبرڪولر) **adj.** having three tubercles or cusps. ٽہ ڳنڍي شڪل.

triturate (ٽرٽيوريٽ) **vt, n** to rub or grind to a fine powder; the fine powder thus obtained.پيهڻ، پيسڻ، چباڙڻ، سفوف بنائڻ، باريڪ ڪرڻ، چباڙي سنهو يا باريڪ ڪرڻ، ڪٽڻ، رڳڙڻ، پيهڻ، ڪپڙ ڇاڻ ڪرڻ، ميدو ڪرڻ، ڳهڻ، ڪرل ڪرڻ، خوب چباڙڻ، سنهو پيهڻ.

triumph (ٽرائمف) **n, vi, vt.** complete or signal victory or achievement; victory; joy for success; a pageant; festivity; pomp, observance; a captive led in triumph; a trump card; to celebrate a victory with pomp; to rejoice for victory; to obtain victory, prevail; to exult, insult; to show in glory; to triumph over.جشن، فتح، سوڀ، سَرهائي، جيت، خوشي، فتح يا ڪاميابي، سوڀارو ٿيڻ، ڳد ڳد ٿيڻ، وهسڻ، ٽڙڻ، ٽڙڻ، ڪاميابيءَ جي خوشي ملهائڻ، جشن ڪرڻ، غالب پوڻ، مچائڻ، کهٽائي ڪرڻ، نيچو ڏيکارڻ.

triumphal (ٽرائمفل) **adj.** pertaining to triumph; used in celebrating victory; a token of victory.فتح منديءَ جو، فتح جو، سوڀ جو، ڪاميابيءَ جو.

triumphal arch (ٽرائمفل آرچ) **n.** an arch erected in connection with the triumph of a Roman general; any decorative arch in public rejoicings.سينگاريل ڪمان (جلسي لاءِ)، فتح ڪمان، خوش آمديدي دروازو يا لنگهہ.

triumphalism (ٽرائمفلزم) **n.** an attitude of righteous pride and self-congratulation in the defeat of perceived evil.گناهہ يا گناهگار خلاف حاصل ٿيل ڪاميابيءَ جي خوشي، سوڀ جي خوشي، اندر ٽڙڻ.

triumphant (ٽرائمفنٽ) **adj.** feeling triumph; celebrating or having achieved a triumph; exultant; transcendent in glory; triumphal..فتح مند، سوڀارو، سرهو، ڪامياب، ڳدڳد، خوش.

triumvir (ٽرائيمور) **n.** one of three men in the same office or government; each of three sharing supreme power.ٽہ ڀاريءَ مان هڪڙو، ٽي ڄڻا جن وٽ مڪمل اختيار (هڪ

جيترا) هجن.

triumvirate (ٽرائيمورَيٽ) **n.** an association or coalition of three men in office or government, or for any political ends, that of Pompey, Crassus and Caesar and that of Octavian (Augustus), Mark Antony and Lepidus; any trio or triad. مختلف وقتن ۾ هڪ ۾ ٽي، هڪ ئي حڪومت ۾ ٽي خاص الخاص ماڻهو (مثال طور صدر، وزير اعظم ۽ سپهه سالار)، ٽه مورتي.

triune (ٽرائيون) **adj, n.** three in one; a trinity in unity. هڪ ۾ ٽي، ٽن جي ٻڌي، ٽن جي هڪ ۾ موجودگيءَ جو عيسائيت جو اصول، وحدت ۾ تثليث، ترابڪو.

trivalent (ٽرائويلنٽ) **adj.** having a valency of three. ٽه برقو، ٽه گرفت، ٽه قوت رکندڙ.

trivalve (ٽرائوَيلو) **adj, n.** three-valved; that which is three-valved. ٽن والن وارو، ٽه والو، ٽه دريو.

trivet (ٽروَيٽ) **n.** a tripod, esp one for a pot or kettle; a bracket with three projections for fixing on the top bar of a grate; a three-legged pot; a usu metal plate placed in a pressure cooker to raise the food to be cooked off the bottom of the vessel. منجي، لوهي تپائي، ٽن ٽنگن واري ٻيهڪ وارو ٽڪسات.

trivia (ٽرويا) **n.pl.** trifles, trivialities, unimportant details. معمولي شيون، معمولي ڳالهيون، معمولي معاملا، غير ضروري اينگهه يا ڊيگهه.

trivial (ٽرويَل) **adj.** of the trivium; common; commonplace; trifling; insignificant; to be found anywhere; of little importance; vernacular; (of a name) specific; with value zero. ناچيز، خسيس، خفيف، هيچ، هلڪو، بيڪار، ٿورو، معمولي، تڇ، آدلي (ماڻهو)، سفلو، روز مره جو، بي قيمت، بي وقعت، انفرادي، گهٽ.

trivialism (ٽرو يلزم) **n.** a trivial matter or remark. اجايو معاملو، هرو ڀرو جو گفتو.

triviality (ٽرويَلِٽي) **n.** the state or quality of being trivial; that which is trivial, a trifle. هلڪائي، خسيس ڳالهه، هلڪڙائپ، سفلائي، معمولي ڳالهه.

trivium (ٽرويَم) **n.** in medieval schools, the group of liberal arts first studied, comprising grammar, rhetoric and logic; the three anterior radii of an echinoderm. درمياني عرصي واري دور جو هڪ اسڪول يا تربيتي ادارو جنهن ۾ فنون لطيفہ جي تربيت ڏني ويندي هئي، دنياوي معاملن جي تعليم ۽ تربيت ڏيندڙ ادارو، علم صرف ونحو، علم منطق ۽ علم فصاحت وغيره پڙهائڻ وارو تعليمي ادارو.

tri-weekly (ٽراء ويڪلي) **adj, adv, n.** occurring or appearing once in three weeks or three times a week; once in three weeks; three times a week; a periodical appearing three times a week. ٽن هفتن ۾ هڪ دفعو ٿيندڙ، هفتي ۾ ٽي دفعا، هفتي ۾ ٽي دفعا نڪرندڙ مخزن يا رسالو.

-trix (ٽرڪس) sfx denoting a feminine agent. عورت يا ماديءَ متعلق، ماديءَ لاڳو.

trizone (ٽرائزون) **n.** a unit or country formed of three zones, specif the area of West Germany comprised in the British, French and American zones of occupation after World War II. ٽن مختلف خطن تي مشتمل (برلن جي) حڪومت، خاص طور ٻي مهاڀاري جنگ کانپوءِ جڏهن جرمني، برطانيه، فرانس ۽ آمريڪي قبضي هيٺ هئي.

troat (ٽروٽ) **vi.** to bellow. جانور جو ڪرڻ، واڪو ڪرڻ، رڙ ڪرڻ، پونڪڻ، اونائڻ، هينگڻ، ٻيڪڻ.

trocar (ٽروڪار) **n.** a surgical perforator used for inserting a cannula in dropsy, to drain off or introduce liquid; sometimes a cannula. منقب، جلندر وغيره جي پاڻي ڪڍڻ جو اوزار، چهنبياري نلي، سرجن جو هڪ اوزار جنهن جي مدد سان زخمن مان پونءِ يا رت ڪڍيو ويجي ٿو.

trochal (ٽروڪل) **adj.** wheel-like ڦيٿي چرخي، چرخيءَ نما، ڦيٿي جهڙو.

trochanter (ٽروڪنٽر) **n.** a rough eminence on the thighbone to which muscles are attached; the second segment of an insect's leg. (جيت جي) جنگهه جو ٻيو پاڱو.

troche (ٽروڪي) **n.** a small circular lozenge; a round medicinal tablet. (دواجي) ٽڪي، (علاج جي) گوري، گول ٽڪي، قرص.

trocheameter (ٽروڪي ميٽر) **n.** a hodometer. طريق پيما.

Trochelminthes (ٽروڪلمنٿس) **n.** the rotifer phylum of animals. ڦيٿي نما ڪينئون، جانور جي هڪ ڪينئن مان لڳندڙ بيماري.

Trochidae (ٽروڪدي) **n.pl.** the top family of molluscs. وڏي صدفي مخلوق، وڏن ڪوڏن جي جنس واري جيوت.

trochilic (ٽروڪلڪ) **adj.** relating to rotatory motion. علم گردش، گردشي، گهمائيندڙ.

trochilus (ٽروڪلس) **n.** a concave moulding; the crocodile bird; any bird of the hummingbird genus Trochilus, giving its name to the family. گول ٽڪي، واڳونءَ جو وات صاف ڪندڙ پکي، آفريڪي يا مصري ليٽو پکي، آمريڪا جا شڪر خورا پکي، ڇيهو پکي، ڀڻ ڀڻ جهڙو آواز ڪڍندڙ پکي.

trochiscus or **trochisk** (ٽروڪسڪس/ ٽروڪسڪ) **n.** a troche (دوا جي) ٽڪي، قرص، گولي، گوري.

trochite (ٽروڪائٽ) **n.** an encrinite joint..وار دار جوڙ. معمولي نظر ايندڙ سنڌ. سوسن نما سنڌ.

trochlea (ٽروڪليا) **n.** any pully-like structure, esp a foramen through which a tendon passes.چرخي، شڪل. چرخ. چرخي نما نرم هڏي.

trochlear nerve (ٽروڪليرنَرو) **n.** the fourth cranial nerve. چوٿون نمبر رڳ.

trochoid (ٽروڪوائڊ) **n, adj.** the curve traced by a fixed point, not on the circumference, in the plane of a rolling circle; wheel-like; like a Trochus; trochoidal. چرخي نما. چرخيدار. ڦيٿي نما.

trochoidal (ٽروڪوائڊل) **adj.** of the nature of a trochoid. چرخي لاڳو. ڦيٿي لاڳو.

trochophore or **trochosphere**(ٽروڪو فـور يا ٽروڪو اسفيئر) **n.** a free-swimming, pelagic larval form of many invertebrates. چرخي بردار. ننڍا ننڍا گول پوَنرا.

trochotron (ٽرڪو ٽران) **n.** a high-frequency counting tube which deflects a beam on a radially disposed electrodes.ڳڻپ ڪرڻ وارو ٽيوب جهڙو اوزار جيڪو تمام تيز ڳڻپ ڪري ٿو.

trocken(ٽروڪن) **adj.** (of wine) dry. (شراب) خشڪ.

troctolite (ٽروڪٽولائٽ) **n.** troutstone, a coarse-grained basic igneous rock composed of feldspar spotted with olivine. مرڪب معدني مادو. واريا سو پٿريلو مادو.

trod (ٽراڊ) **n.** a track; path; totting. رستو. لنگهه. وهڪرو. عام لنگهه. پيچرو. لوڏو. لرزو.

trog (ٽراگ) **vi.** to walk, usu heavily and wearily..هلڻ. هلڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪرڻ.

troggs (ٽراگس) **n, interj.** troth.اعتبار. اعتبار ڪرڻ. نڪاح ڪرڻ . مڱڻو ڪرڻ.

troglodyte (ٽرگلو ڊائٽ) **n.** a cave-dweller; one living in seclusion; an anthropoid ape..غفا ۾ رهندڙ . غار واسي. يـولن جو هڪ قسم. غارن ۾ رهندڙ جهنگلي انسان. بن مانس وغيره.

troglodytes (ٽروگلو ڊائٽس) **n.** the wren genus. ڦوسٽي. ڦوسڙي جنس پکي. ننڍي ڦدي. بنا پچ ڦدي پکي.

troglodytic or **troglodytical** (ٽروگلو ڊائٽڪ ٽروگلو ڊائٽڪل) **adj.** cave-dwelling.غفا ۾ رهائش رکڻ. غارن ۾ رهڻ يا رهندڙ.

trogon (ٽرگان) **n.** any member of a family of tropical, and esp S American birds, with brilliantly-coloured gorgeous plumage and backward-facing first and second toes. ڪٽريندڙ پکين جي جنس جن جا رنگين کنڀ ۽ چنبن جون ٻه آڱريون پوئتي وريل هونديون آهن. ڏکڻ آمريڪا جا ٽروجن پکي. ڏنداڻين چهنب وارا پکي.

Troic (ٽروئڪ) **adj.** Trojan.ٽراءِ جو. ٽروجن شـهـر جو باشندو. شهري.

troika (ٽروئڪا. ٽرائيڪا) **n.** a Russian vehicle drawn by three horses abreast; a team of three horses abreast; a team of three people, acting equally as leaders, a triumvirate.(روسي) ٽن گـهوڙن سـان ڇڪڻ واري بگي يا ڇڪـڙو. ٽن گـهـوڙن کي گـڏ ٻڌي هلائڻ. ٽن ڄڻن جي حڪومت. ساڳي عهدي وارا ٽي عملدار. ٽه مورتي. عيسائين جو ٽن بابت عقيدو.

troilism (ٽروئلزم) **n.** sexual activity between three people (of two sexes).ٽن ماڻهن درميان جنسي عمل (عورت مرد شامل).

troilite (ٽروئلائٽ) **n.** native ferrous sulphide, found in meteorites.شهاب. ڪرندڙ تارن جي پٿرن سان ملندڙ معدني مادو. ثاقبن جا ذرات.

Trojan (ٽروجن) **adj, n.** pertaining to ancient Troy; a citizen or inhabitant of Troy; a boon companion; a doughty, trusty or hardworking person; a good fellow; a Trojan horse.محنتي. ٽراءِ جو رهواسي. ٽرو جن باشندو. ۽ اورچ ماڻهو. سٺو ماڻهو. ٽروجن جو گهوڙو.

Trojan horse (ٽروجن هارس) **n.** the gigantic wooden horse inside which the Greeks are said to have entered Troy; a person or organization, placed within a country, group with the purpose of destroying it; a concealed insertion of disruptive coded material within a program (computer jargon).مشهور ٽروجن ڪاٺ جو گهوڙو جنهن بابت چيو وڃي ٿو ته ان ۾ مخالف ڌر وارن پنهنجا ماڻهو لڪائي وهاري ڦٽي ڪيا ۽ پوءِ ٽراءِ جا ماڻهو انکي کڻي قلعي ۾ آيا ۽ ان ۾ ويٺل ماڻهن رات وقت ٻاهر نڪري قلعي جو دروازو کولي پنهنجين فوجين کي اندر گهرائي قلعي تي قبضو ڪري ورتو هو.

troll[1] (ٽرال) **n.** a dwarfish being in Scandinavian mythology, dwelling in caves and mounds. تمام ننڍي قد واري ديومالائي مخلوق. غارن يا دڙن تي رهندڙ بندرا انسان يا ٻي مخلوق. بندور جن يا ديو.

troll[2] (ٽرال) **vt, vi, n.** to roll; to trundle; to spin; to circulate; pass around the table; to move nimbly, wag the tongue; to utter fluently, set rolling off the tongue; to sing the parts of a catch or round in succession; to fish for, or in, with a spinning or otherwise moving bait; to allure; to roll; to move or run about; to sing a catch; to stroll, ramble; to fish with revolving or trailing lure; an instance of

moving round, repetition; a round song; trolling; a lure for trolling.گھمائڻ، ڦيرائڻ، چڪر ڏيڻ، راڳ جا ٻاگا واري، سان ڳائڻ. (شراب جو پيالو) گول ڦيرائڻ. ڪنڍيءَ سان مڇي مارڻ. مڇي ڦاسائڻ جي چرخي. ٻاگن ۾ ڳايل راڳ. ڊوڙ ڊوڙان ڪرڻ. ٻچ ڊڪ ڪرڻ. پاڻ طرف مائل ڪرڻ. گهمڻ، چڪر ڏيڻ. وقت وڃائڻ. گول ڦرندڙ گولين جو پٽو. شڪار لاءِ ڦندو. ورجائڻ.

trolley[1] or **trolly** (ٽرالي) **n.** a lace with the pattern outlined with thicker thread or a flat border.ڏاڳي تلهي جي ڪناريءَ واري پٽي. لسي پاسي واري ڄاري.

trolley[2] (ٽرالي) **n, vt, vi.** a basket, tray or table (or set of tiered trays) on castors or wheels, used for transporting goods, luggage, or for serving food and drink; a small truck; a small cart; a bogie; a bed on wheels used for transporting hospital patients; a pully, receptacle or car travelling on an overhead wire or rail; a trolly-wheel; a tram-car; to convey by trolley; to travel by trolley. ٽرالي، ٺيلهو (جو ٺيلهڻ سان هلي) ٺيلهه گاڏي. هٿ گاڏي، ڇڪڙو، گاڏو، ٺيلهو. ٺيلهي گاڏي، مٿي لڳل (ٽرام لاءِ) بجليءَ جو ن تارون. ٽرام ڪار. ٽرام ڪار جو ڇت تي لڳل وارو ڦيٿو. ٽرالي يا هٿ گاڏيءَ ۾ موڪلڻ. هٿ گاڏيءَ ۾ مسافري ڪرڻ.

trolleybus (ٽرالي بس) **n.** a bus that receives power by a trolly-wheel from a pair of overhead wires.بجليءَ گاڏيءَ سان ڇڪجي هلڻ واري گاڏي. بنا پٽهنجي موٽر جي گاڏو.

trollycar (ٽرالي ڪار) **n.** a tram-car so driven.ٽرام ڪار جيڪا ٻي ٽرام سان گڏ هلي.

trolley-table (ٽرالي ٽيبل) **n.** a tiered trolley for a dining-room.هٿ گاڏي، ٺيلهه گاڏوکاڌو پيتو ڪارائڻ واري خانن واري هٿ گاڏي.

trolley-wheel (ٽرالي ويل) **n.** a grooved wheel by which a bus, tram car, receives current from an overhead wire.بس يا ٽرام جي ڇت تي لڳل (اندر تي ويٺل) ڦيٿو جنهن رستي اُن جي موٽر کي بجليءَ جو ڪرنٽ پهچي.

trollius (ٽراليس) **n.** a perennial plant of the genus family, with orange or yellow globular flowers.سدا بهار (نارنگي ۽ پيلن) گلن وارو ٻوٽو.

troll-my-dame (ٽرال مئي ڊيم) **n.** an old game like bagatelle; in which bullets were trolled into a little arcade.هڪ پراڻي راند وانگر نڪسات جنهن ۾ گوليون هڪ خاص جڳهه تي پهچائيون آهن.

trollop (ٽرالوپ) **n.** a slatternly or untidy woman; a shameless or promiscuous woman; a drab; a prostitute; to draggle; to go, dress or work in a slovenly. اڻ سگهڙ عورت. بي اقبالي، بد سليقي، بي شرمي، بي تکي، فاحش، رنڊي ، ڇڪلائڻ. اگهاڙن ڪپڙن ۾ هلڻ. بي شرميءَ جو مظاهرو ڪرڻ. ڪميڻي عورت. ڪسبڻ . ڪسبيائي، رنگيلي، ڇڳري

tromba marina (ٽرمبا مَرينا) **n.** an obsolete viol, generally one-stringed, with an irregular bridge, played in harmonics, giving a trumpet-like tone. يڪتارو ساز. هڪ تار وارو ساز.

trombiculid (ٽرمبيڪيولڊ) **adj, n.** of or relating to any of the mite family; a trombiculid mite or harvest-bug. جوڙءِ جي قسم جو جيت.

trombone (ٽرامبون) **n.** a brass musical wind instrument, consisting of a tube bent twice on itself, with a slide.ڦوڪ سان هلائڻ وارو ٽامي جو ساز. پيالي نما منهن وارو توتارو.

tromino (ٽرامَنو) **n.** a flat, three-sided shape made up of a number of identical squares placed edge to edge. ٽن طرفن واري بيهڪ. چوڪڙين رستي ٺاهيل بيهڪ.

trommel (ٽرامل) **n.** a revolving cylindrical sieve for cleaning or sizing minerals. گردشي نليدار ڇاڻي.

tromometer (ٽراما ميٽر) **n.** an instrument for measuring slight earthquake shocks. زلزلي جهٽڪي پيما.

tromp (ٽرامپ) **vi.** to tramp or trample. لتاڙڻ، چيپاڻڻ.

trompe or **tromp** (ٽرامپ) **n.** an apparatus for producing a blast of air in a furnace by means of falling water (Fr).هوا لئي اوزار. هوا لئي جنهن رستي باهه کي ڦوڪ ڏئي. تيز ڪجي، لٽو.

tron or **trone** (ٽران ٽرون) **n.** a public weighing machine, used also as a place of punishment; the market-place; a system of weights used at the tron..عام تور ڪرڻ واري مشين. سزا ڏيڻ واري جاءِ. مارڪيٽ. بازار. وزن ڪرڻ جا وٽ.

-tron (ٽران) **sfx** signifying agent or instrument, particularly : (1) thermionic valve, eg klystron, (2) elementary particle, eg positron; (3) particle accelerator, eg cyclo-tron (Gr).مختلف شين کي ٺاهڻ ۾ ڪم ايندڙ لفظ جيڪو مختلف اوزارن يا شين کي ظاهر ڪري.

trona (ٽرونا) **n.** a native combination of acid and normal sodium carbonate. مرڪب مادي وارو تيزاب.

tronc (ٽرانڪ) **n.** a collection of tips to be divided out later, eg among waiters; the system by which this is done (Fr collecting box).بخشش يا ٽپ طور گڏ ٿيل رقم. جيڪا بعد ۾ سيني ڪم ڪرڻ وارن ماڻهن کي ورهائي ڏني وڃي.

troolie, troelie or **troely** (ٽرلي) the bussu palm; its leaf. ڪجي يا ناريل جي جنس جو وڻ ۽ اُن جو پَن.

troop (تروپ) **n, vi, vt.** a body or collection of soldiers; military forces; a band or group of people; a flock, herd or swarm of animals; a great number; a division of a cavalry squadron; a group of Boy Scout patrols; a troupe; the command of a troop of horse; a drum signal for assembling; to consort; to pass in a body or in rapid succession; to be off; to cause to troop; to receive and carry ceremonially along the ranks..سپاهه، لشڪر، فوج، تمن، رسالو، سينا، ٽولي، ولر، گڏ ٿيڻ، گلر، ميڙ، ڪوچ ڪرڻ، گهوڙي سوار جٿي جو اڳواڻ، دهل وڄائي ڪٺو ڪرڻ، سڏڻ، سڏي هڪ هنڌ آڻڻ، جمع ڪرڻ، گڏجي هلڻ، هڪ ٻئي پٺيان گڏيو هلڻ، هليو وڃڻ، سرگس ڪڍڻ ، سرگس ۾ هلڻ.

trooper (تروپر) **n.** a private cavalry or horse-soldier; a private soldier in armoured tank units; a mounted policeman; a cavalry horse; a troopship..سوار، فوجي سوار، مشيني دستي جو سپاهي، رسالي جو گهوڙو، لشڪر جو جهاز، بحري فوجي جهاز.

troop-carrier (تروپ ڪئريئر) **n.** a motor vehicle, ship or aeroplane for carrying troops..فوجي رسد واري سواري.

troop-horse (تروپ هارس) **n.** a cavalry horse.رسالي جو گهوڙو.

troop-ship (تروپ شپ) **n.** a ship for transporting troops فوجي بحري جهاز.

tropaeolin (ٽراپيلين) **n.** any of a group of dyes of complex structure. مرڪب رنگدار مادو.

tropaeolum (ٽراپيلم) **n.** the Indian cress and canary-creeper, genus; S American trailing or climbing plants, constituting a family, related to the geraniums, esp the garden nasturtium..(ٻوٽو) جنس ڪاهو نئسچرشم (ٻوٽو)

troparion (ٽراپيرين) **n.** a stanza or short hymn..ننڍو شعر، مصرعو، ٽلهه.

trope (تروپ) **n, vt.** a figure of speech, properly one in which a word or expression is used in other than its literal sense, eg metaphor, metonymy, synecdoche or irony; a short cadence peculiar to Gregorian melodies; a phrase; to provide with tropes.استعارا، رَوِيڪ، مَجازَ، آيمان، ڪنايت، هجو، طعنو، ننڍا استني، جملو، استعارا لڳائڻ، استعارن ۾ آڻڻ.

-trope (تروپ) **sfx.** denoting tendency towards or affinity for, as in heliotrope. ڪنهن لڳاءُ يا تعلق کي ظاهر ڪندڙ لفظ.

troph-, tropho-, -troph or **-trophy** (تراپ، تراف آر ترافي) combining form : denoting nutrition. غذا، کاڄ، خوراڪ، کاڌو.

trophallaxis or **trophobiosis** (ترافيليڪس) **n.** mutual exchange of nutriment in symbiosis..غذائي حيات سازي

trophesial (ترافيسيل) **adj.** relating to trophesy.رڳن يا نسن جي غير عمل ڪاريءَ جي بيماري.

trophesy or **trophoneurosis** (ترافيسي) **n.** a state of deranged nutrition owing to disorder of the trophic action of the nerves.رڳن يا نسن جي غذا يا خوراڪ حاصل نه ڪري سگهڻ واري حالت.

trophi (ترافي) **n.pl.** the mouth-parts of an insect; the teeth of the pharynx of a rotifer.غذائي عضوو، خوراڪي عضوو، وات ۽ هاضمي جو نظام.

trophic (ترافڪ) **adj.** relating to nutrition..غذائي، خوراڪي، کاڌي بابت، غذا متعلق.

trophic level (ترافڪ ليول) **n.** a division of an ecosystem consisting of all organisms whose food is obtained from plants by the same number of intermediate steps.غذائي سطح، جيوت جو غذا، يا خورڪ حاصل ڪرڻ جو طريقو.

trophic structure (ترافڪ اسٽرڪچر) **n.** a feature of an ecosystem, measured and described in terms of standing crop per unit area or energy fixed per unit area per unit time.(ماحولياتي نظام تحت) آباديءَ هيٺ زمين ۾ انَ مان حاصل ٿيندڙ غذائي قوت يا طاقت جو ماڻ.

trophoblast (ترافوبلاسٽ) **n.** the differentiated outer layer of epiblast in a segmenting mammalian ovum. غذائي اِخراج.

trophology (ترافولاجي) **n.** the study of nutrition.علم غذائيت، غذا وديا، علم خوراڪ، غذائيات وچا.

trophoplasm (ترافوپلازم) **n.** protoplasm which is mainly concerned with nutrition.غذائي مايو، اهو مايو جيڪو غذائيت سان تعلق رکي.

trophotaxis and **trophotropism** (ترافو ٽئڪس ۽ ترافو ٽراپزم) **n.** chemotaxis and chemotropism where the simulating substance is food.غذائي ترتيب، غذائي ضرورت، غذا يا خوراڪ مان قوت حاصل ڪندڙ.

trophozoite (ترافو زائٽ) **n.** in Protozoa, the trophic phase of the adult, which generally reproduces by schizogony. غذا طفيلي، خوراڪي مرحلو.

trophy (ترافي) **n, vt.** a memorial of victory, orig arms or other spoils set upon the spot; displayed spoils, such as skulls and antlers; a piece of plate or such like awarded as a prize; a memorial of success,

glory; an ornamental group of weapons, flags or a representation of such; to set with trophies; to confer trophies on.فتح جويادگار نشان، فتح ڪندي مليل مال، غنيمت جو مال، فتح جي نشاني، نشان فتح، مختلف مرحلن ۾ ڪاميابيءَ تي مليل نشان، پلو، تمغو وغيره،تمغو ڏيڻ، سينگار وار هٿيار.

tropic (ٽراپڪ) **n.** either of two imaginary circles on the celestial sphere about 23 deg 28' N (tropic of Cancer) or S (of Capricorn) of the equator, where the sun turns on reaching its greatest declination north or south; a corresponding circle on the terrestrial globe; the part of the earth between the tropics of Cancer and Capricorn; a turning-point or limit; of or relating the sun's turning; of the tropics; of or of the nature of a tropism.. دائرو، خطو، خط سرطان، مدار شمسي، ڪوسو پٽو، اين ورت، ڪرڪ ريکا، ڪرڪ گهيرو، خط جَدي، مڪر ريکا، مڪر گهيرو، آين ريکا، انهن خطن جي وچ وارو ملڪ، ڪوسوڪمربند، گرم ملڪن واور علائقو.

tropical (ٽراپڪل) **adj.** of or relating to a tropic or the tropics; found in or characteristic of the tropics; fervidly hot; luxuriant; of the nature of a trope, figurative..خط جدي، خط سرطان جي اندر گرم ملڪن ۾ رهندڙ، ٿيندڙ، آباد ملڪ ۽ ماڻهو، گرم آبهوا وارا علائقا.

tropic bird (ٽراپڪ برڊ) **n.** a tropical sea-bird Phaethon with long tail-feathers.گرم سمنڊن جو پکي، خط استوائي پکي، ڊگوش پکي، ڊگهن پڇن وارا ساموندي پکي.

Tropic of Cancer (ٽراپڪ آف ڪينسر) **n.** a line of latitude 23o 221 north (is called the Tropic of Cancer). خط سرطان، سرطاني گهيرو، ڪرڪ ريکا، ڪرڪ گهيرو.

Tropic of Capricorn (ٽراپڪ آف ڪيپريڪارن) **n.** a line of latitude in the south. خط جَدي، مڪر ريکا، مڪر گهيرو، جدي گهيرو.

Tropics (ٽراپڪس) **n.** the region between the two tropics i.e. in the north of Cancer and south of Capricorn. گرميءَ جا خطا، خط جدي ۽ سرطان جي وچ وارا علائقا، گرم علائقا، مدار، آين ريکا.

tropism (ٽروپزم) **n.** orientation in response to stimulus; a general term of heliotropism, geotropism, etc. جُهڪاءُ، لاڙو، موڙ رخيت، ڍرڪاءُ، رُخ گردي، طرف، رخ.

tropo- or trop- (ٽروپو) combining form : denoting turning; change; tropism..ڦرڻ، وَرڻ، مُڙڻ، جهڪاءُ، لاڙو، رغبت، رخ.

tropomyosin (ٽروپومايوسن) **n.** a filamentous protein which controls the interaction of action and myosin in muscle fibres, and hence muscle contraction.خمير مادو جيڪو پٺن جزن تي اثر انداز ٿئي ٿو ۽ مشڪن جي گهٽڻ وڌڻ ۾ عمل دخل رکي ٿو.

tropopause (ٽروپوپاز) **n.** the boundary between troposphere and stratosphere.(موسم جي) ڦرڻ جي حد ، تبديلي رڪاوٽ.

tropophilous (ٽروپوفلس) **adj.** tropophytic..هر موسم پسند، اهڙو ٻوٽو جيڪو هر موسم ۾ لڳائي سگهجي.

tropophyte (ٽروپو فائٽ) **n.** a plant adapted to alterations of moisture and drought..گهم ۽ خشڪي پسند ٻوٽو.

troposcatter (ٽروپو اسڪٽر) **n.** the propagation of radio waves by using irregularities in the troposphere to scatter the signals beamed up by means of high-powered UHF transmitters, and parabolic antennas.ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي لهرن کي علائقن ۽ وسيع علائقي ۾ موڪلڻ جو نظام.

troposphere (ٽروپو اسفيئر) **n.** the lowest layer of the atmosphere in which temperature falls as height increases.ڪوهيڙي دائرو، گهم خول، فضائي ڦيري وارو دائرو يا طبقو، اهڙو فضائي طبقو جتي بلنديءَ سبب حرارت گهٽجي ٿي.

troppo (ٽراپو) **adv.** in music, too much; excessively. (موسيقي) گهڻي تيز، تمام تيز آواز سان.

trot[1] (ٽراٽ) **n, vt, vi.** a pace between walking and running (of a horse, with legs moving together diagonally); an act or spell of trotting; continual activity in moving about; a toddling child; a trotline; any of the single lines attached to a trotline; a crib, literal translation; to run with small steps; to go, ride or drive at a trot; to jog; to bustle about; to fish using a baited hook which travels downstream just above the bottom; to cause to trot; to conduct around; to bring out for exhibition; to draw out so as to make a butt of.ڊڳائڻ، ڊڳ هلڻ، ڊڪڻ، ڊيڪڻ، ٽرندو، وڃڻ، ٽپ ٽپ ڪري هلڻ، ڊڳَ، ڊڙڪي، پنڌ سڪندڙ ٻار، هل چل، مڇيءَ پڪڙڻ لاءِ واهه مٿان آر پار ٻڌل وڏي ڏوري، واڙي، ڪتولي، آهر، وڃڻ، هلڻ.

trot[2] (ٽراٽ) **n.** an old woman, a crone.ٻڍي زال، ڪراڙي يا پوڙهي عورت.

troth (ٽروٿ) **n, vt, interj.** truth; faith, fidelity; to betroth; in truth. ايمان، ديانت، واعدو، وچن، سَخُن، سچ، سچ پچ.

troth-plight (ٽروٿ پلائيٽ) **n.** a plighting of troth, betrothal; to betroth; betrothed.واعدي مطابق عمل، مڱڻو ڪرڻ، پرڻجڻ، شادي ڪرڻ.

troth-ring (تروٿ رنگ) n. a betrothal ring. مڱڻي يا شاديءَ جي منڊي.

trotline (تروٽ لائين) n. a long line across a waterway to which shorter lines with baited hooks are attached. هڪ ڊوري جيڪا واهه يا وهڪري مٿان ٻڌي وڃي ۽ ان ۾ ننڍيون ڏوريون ٻڌي مڇي ڦاسائي وڃي.

trot out (تروٽ آئوٽ) vt. to exhibit the paces of; to bring forward, adduce, produce for show, esp repeatedly; to go out with, court. گهوڙي کي هلي ڏيکارڻ. ملائي ڏيکارڻ، ڳالهه وجهڻ، وري وري ڏيکارڻ.

trotter (ٽراٽر) n. a person or thing that trots; a horse trained to trot in harness racing; a foot, esp of a sheep or pig. هلندڙ ماڻهو، ڊُگ هلندڙ گهوڙو ، پيرُ يا حصو ولن. رڍ جو کُر، سوئر جو کُر.

trotting (ٽراٽنگ) n. harness racing. گهوڙن جي ڊوڙ.

trottoir (ٽراٽوائر) n. a pavement (Fr). پڪو رستو، پڪي گهٽي، ماڻهن جي هلڻ وارو دڳ.

trotyl (ٽراٽل) n. trinitrotoluene. تيز ڌماڪيدار مادو.

troubadour (ٽرُوبڊور) n. any of a class of mostly aristocratic poets composing lyrics on courtly love (Fr). شاعرن جو هڪ اهڙو گروهه جن عشق ۽ محبت بابت شاعري ڪئي هجي، عشقيه شاعر.

trouble (ٽربل) vt, vi, n. to agitate; to disturb; to distress; to busy; to muddy; to make turbid; to molest; to afflict; to annoy; to engage overmuch; to put to inconvenience; to take pains; to put oneself to inconvenience; to be troublesome; disturbance; affliction; distress; agitation; affliction; labour; a scrape; travail; anything amiss; disease; uneasiness; exertion; the taking of pains; a cause of trouble. ولوڙو وجهڻ، ملائڻ، چاچولڻ، آڪائڻ، امنجائڻ، ايذائڻ، آزارڻ، ريڙائڻ، رلائڻ، ڪسائڻ، تڪليف ڏيڻ، دق ڪرڻ، هلاڪ ڪرڻ، پريشان ڪرڻ، پريشانيءَ جو سبب، تڪليف، ڪشالو، هلاڪي، امنج، آزار، خرابي، وکوڙ، ڪُڙبڙ، ايذاء، درد سري، ڪشالو، دقت، جاکوڙ، وياڪلتا، پريشاني، ڏک، ڏجهو، جنجال ،ڪاڪاهو، زحمت، تڪليف ڏيندڙ، پريشان ڪندڙ، هلاڪ ڪندڙ.

trouble-house, trouble-state, trouble-town, trouble-world. (ٽربل هائوس، ٽربل اسٽيٽ، ٽربل ٽائون، ٽربل ورلڊ) n. one who disturbs the peace of a house, state etc. شهر يا ملڪ جو امن امان برباد ڪندڙ، سڪون تباهه ڪندڙ. نقصان ڪار.

troublemaker (ٽربل ميڪر) n. someone who disturbs the peace and incites others to do so. سڪون برباد ڪندڙ ۽ ٻين کي برغلائيندڙ، دهشت گرد، وکوڙي.

trouble-mirth (ٽربل مرٿ) n. a killjoy. خون خوار، امن جو دشمن

troubleshooter (ٽربل شوٽر) n. an expert detector and mender of any trouble, mechanical or other. معمولي خرابين کي دور ڪرڻ وارو ڪاريگر، عام رواجي مستري.

troublesome (ٽربل سم) adj. annoying, vexatious, burdensome, tiresome. تڪليف ڏيندڙ، هلاڪ ڪندڙ، تڪليف ده، ڏوڪڙائيندڙ، ڏڪائيندو، آمنجائو، ڪپائيندڙ، جنجال ڪاڙو، آپاڏي، کيرو، ٿڪائيندڙ.

troublous (ٽربلس) adj. full of trouble or disorder, agitated, disquieting. درهم برهم، ڏکيو، بي قراريءَ جو، ابتر، گڙ ٻڙ وارو، (سمنڊ) آڪرو.

trouble spot (ٽربل اسپاٽ) n. a place where trouble, esp social or political unrest, occurs. تڪليف يا مصيبت جو ڳڙهه، افرا تفريءَ وارو هنڌ.

trou-de-loup (ٽروڊلو) n. a pit with a vertical stake in the middle, used as a defence against cavalry (Fr, wolf-hole). دفاعي نظام هيٺ تيار ڪيل هڪ کڏ يا چُر، مورچو.

trough (ٽراف) n. a long narrow vessel for watering or feeding animals; a vessel for kneading, brewing, washing, tanning or various domestic and industrial purposes; a vessel for liquid over which gases are collected; a channel, gutter or conduit; a long narrow depression; a hollow between wave-crests; a low point; an elongated area of low atmospheric pressure, extending from a depression and marking a change of air-mass. (نارجي) ليس، ڪونڊو، ڪونر، پاٽ، هاتر، کڏ، سرنگهه، حوض، پالوڙو، آلهن، آواڙو، آهر، ڊگهو ۽ سوڙهو حوض جنهن ۾ جانورن کي پاڻي ۽ چارو ڏنو وڃي، نالو، ڪَسي، نالي، ليڪال جو وهڪرو، خلا ۾ گهٽ داب واري صورتحال (جنهن ڪري بارش ۽ هوا جو وڌيڪ امڪان هوندو آهي)، هوا ۾ دٻاءُ جي گهٽتائيءَ ڪري ماحول ۾ تبديلي.

trough-fault (ٽراف فالٽ) n. a pair of parallel faults with down throw between them. زلزلي واري جڳهه ۾ (ان جي اثر هيٺ) آيل ٻه کڏ هلندڙ ڏارون يا زميني چير.

trough-shell (ٽراف شيل) n. a lamellibranch with a somewhat triangular shell thought to resemble a kneading-trough. ڪلين وارن ڪوڏن جي جسماني بيهڪ.

troughing and peaking (ٽرافنگ ۽ پيڪنگ) n. ranging between low and high points or levels. گهٽ ۾ گهٽ ۽ وڌ ۾ وڌ جي درميان، گهٽجندڙ يا وڌندڙ صورتحال.

trounce[1] (ٽرائونس) vt. to harass; to indict; to punish, beat, rebuke or censure severely. ڏڻڻ، ڳالهائڻ، ڪُٽڻ، گهڻو مارڻ، سخت سزا ڏيڻ، گهٽ وڌ ڳالهائڻ، گارگند ڪرڻ.

trounce[2] (ٽراؤنس) **vi, vt.** to skip, prance, move briskly; to whisk off, make to skip..ٽپ ڏئي هلڻ. تيز تيز هلڻ. ڪسڪي وڃڻ. لپي وڃڻ. ڇڏي وڃڻ.

troupe (ٽروپ) **n, vi.** a company, esp of theatrical performers; to travel about as a member of a theatrical troupe.طائفو. راسڌاري. بازيگرن جي ٽولي. ناٽڪين جي ٽولي. گروهه. جماعت. دل. پکين يا ناچن جي ٽولي.

trouper (ٽروپر) **n.** a member of a theatrical troupe; an experienced actor; an experienced person.ناٽڪين جي جٿي جو. بازيگرن جي ٽلي جو. تجربيڪار. هنرمند. اداڪار.

troupial or **troopial** (ٽروپيل) **n.** a bird, famous for its song; any bird of the Icteridae (Fr)..پکيءَ جو قسم. ڳاڙهو پکي. سريلو پکي. آمريڪا جي وچولي ۽ ڏاکڻي حصي جو پيلڪ پکي. لور پکي. سون پکي.

trouse (ٽروز) **n.** Irish close-fitting breeches; trews; trousers. آئرلينڊ جي تنگ پتلون. سلوار. پاجامو.

trouser (ٽراؤزر) **vt.** to appropriate money, to pocket. پيسا ڳڙڪائڻ. کيسي ۾ وجهي ڇڏڻ. ڪسڪائڻ.

trousers, trossers, strossers (ٽراوزرز) **n.** long breeches; a garment worn on the lower part of the body with a lose tubular branch for each leg; a pair or style of these; any other garment of similar form, such as pantalettes.پتلون. پاجامو. سلوار. هيٺين ڌڙ جو لباس. ڪانچ. سڪڻ. اِجار.

trouser suit (ٽراؤزر سوٽ) **n.** a woman's suit, consisting of a jacket and trousers..زنانو وڳو. زناني پوشاڪ. پاجامي ۽ واسڪوٽيءَ وارو وڳو.

trousseau (ٽرسو) **n.** the clothes and sometimes household linen, collected by a bride for her marriage; a bundle..ڪنوار جو ڏاج. ڪنوار جو مڙيو مَندي. ڏاجو. ڳنڍ.

trout (ٽرائوٽ) **n.** a freshwater fish of the salmon genus, much sought after by anglers; extended to various fishes related to or superficially resembling this; an unpleasant, interfering old person, esp a woman.ٽرائوٽ مڇي. ٿلهي پاڻيءَ جي مڇي. اترين علائقن ۾ ملندڙ ٽرائوٽ مڇيءَ جو قسم جيڪو برطانوي دؤر ۾ اُتي آندو ويو هو. هر ڳالهه ۾ وچ ۾ پوندڙ ٻڍي يا پوڙهي عورت.

trout-basket (ٽرائوٽ باسڪيٽ) **n.** an osier or willow creel for carrying trout. مڇيءَ واري چلي يا ڪاري.

trout-coloured (ٽرائوٽ ڪلرڊ) **adj.** speckled like a trout; white, with spots of black, bay or sorrel. ٽرائوٽ مڇيءَ واري ٻيهڪ.

trouter (ٽرائوٽر) **n.** a person who fishes for trout ٽرائوٽ مڇيءَ جو شڪار ڪندڙ مهاڻو. ميربحر.

trout-farm (ٽرائوٽ فارم) **n.** a place where trout are reared artificially. ٽرائوٽ مڇيءَ جو فارم.

trout-rod (ٽرائوٽ راڊ) **n.** a fishing-rod for trout.ٽرائوٽ مڇيءَ پڪڙڻ لاءِ ڏوري.

trout-spoon (ٽرائوٽ اسپون) **n.** a small revolving spoon used as a lure for trout.جنهن ننڍي چمچي شڪل ٻيهڪ رسيءَ ٽرائوٽ مڇيءَ کي ڦاسائڻ لاءِ ويجهو آندو وڃي.

trout-stone (ٽرائوٽ اسٽون) **n.** troctolite.اڇي ڪاري رنگ جو پٿر.

trout-stream (ٽرائوٽ اسٽريم) **n.** a stream in which trout are caught.ندي ۽ اها جاءِ جتي ٽرائوٽ مڇي پڪڙي سگهجي.

trouvaille (ٽروائي) **n.** a fortunate find (Fr).اتفاقي لڌل خزانو. ڀاڳ جو ٻيڙو. قسمت جو ڦيرو.

trouvere or **trouveur** (ٽروور) **n.** any of the medieval narrative or epic poets of northern France (Fr). فرانس جا لوڪ قصا بڌائڻ وارا شاعر. ڀٽ فقير.

trover (ٽروور) **n.** finding and keeping; hence, a legal action brought to recover goods from a person to whom they do not belong.لڀڻ ۽ رکڻ. لڌل شيءِ تي قبضو ڪرڻ. قانوني ڪاروائي جنهن هيٺ غير مالڪ کان لڌل شيءِ واپس وٺي سگهجي.

trow[1] (ٽرو) **vt.** to trust; to believe; to suppose. وسهڻ. سمجهڻ. ڀانئڻ. سوچڻ. ويچارڻ. خيال ڪرڻ. قياس ڪرڻ. اعتبار ڪرڻ. مڃڻ. سچ ڪري سمجهڻ.

trow[2] (ٽرو) **n.** any of various small boats or barges, flat-bottomed boats.وهندڙ سنڌي يا لسي تري واريون ٻيڙيون. پاڻي لاءِ ننڍي ٻيڙي. ڊولڊي ٻيڙي. ڏنگي.

trowel (ٽرال) **n, vt.** a flat or scoop-shaped hand-tool with a short handle, for plastering, gardening; to dress, apply or move with or as if with a trowel. مارو. چو نالو. چونازي. ڪرنڊي. رازي جو هڪ اوزار.

troy (ٽراءِ) **n.** a system of weights used for precious stones and metals, the pound of 5760 grains being divided into 12 ounces of 20 pennyweight.سون ۽ چانديءَ جي تور جو پيمانو. تمام ننڍي تور ڪرڻ جو وٽ . رتي. ماسو.

Troyan (ٽرائيون) **adj.** Trojan. ٽروجن يا ٽراءِ ملڪ جو.

truant (ٽروئنٽ) **n. vi.** one who, idly or without excuse, absents himself or herself from school; an idler; one who shirks duty; a vagrant; a vague term of reproach; to play truant..پاڄو ڪڙ. گوسڙو. گهتر. رول. آوارو. رولو چولو. ڦيڻهڙ. وقت تي نه ايندڙ. بيڪار وقت وڃائيندڙ. نِڪمو. هڏ حرام.

play **truant** (پلي ٽروئنٽ) **vi.** to stay away from school without permission or good reason.اسڪول مان جائي بجهي غير حاضر رهڻ. گسائڻ. رلڻ.

Trubenize ® or **Trubenise** (ٽربائيز) **vt.** to stiffen a fabric by binding together two layers by an intermediate layer of cellulose acetate.مصالحو لڳائي ڪپڙي جي ٻن تهن کي مڪمل طور جوڙڻ.

trucage or **truquage** (ٽرڪاژم) the faking of works of art (Fr).(مصوريءَ ۾) نقل تيار ڪرڻ. نقلي مصوريءَ وارا نمونا تيار ڪرڻ.

truce (ٽروس) **n.** a temporary suspension of hostilities; a respite..ڪچو صلح. مهلت جنگ. ماٺ. صبر. ٺاپر. عارضي امن. نالم جي ڪوششن طور ڍرائي ڪرڻ.

truchman (ٽروچ مـٺنَ) **n.** an interpreter (Ar turjaman). ترجمان. مترجم. ترجمو ڪري ٻڌائيندڙ.

trucial (ٽروشـل) **adj.** bound by a truce.صلح نامي هيٺ پابندي ڪيل. راضي نامي هيٺ ٻڌ يا پابند.

truck[1] (ٽرڪ) **vt, vi, n.** to exchange; to barter; to pay in goods; to traffic; to have dealings or intercourse; to barter; to bargain; to potter about; to do nothing; to move along, make progress generally; to persevere; exchange of commodities; barter; payment in goods; dealings, intercourse; a small job; chore; small goods; rubbish; fresh vegetables or fruits. لين دين ڪرڻ. شين جي شين سان مٽ سٽ ڪرڻ. اڇ وڃ يا تعلق هُجڻ. چڙ چوٽ ڪرائڻ. اڳتي وڌڻ. اڳتي هلڻ. ڏي وٺ ڪرڻ. ڪوشش ڪرڻ. اچڻ وڃڻ. ڏيڻ وٺڻ. شين جي ڏيتي ليتي، شين جي مٽ سٽ. اچ وڃ. ڏي وٺ. جماع. معمولي ڪم. ننڍيون ننڍيون شيون. گند ڪچرو. ڪن ڪچر. تازيون ڀاڄيون. تازو ميوو. تازي پيداوار.

truck[2] (ٽرڪ) **n, vi, vt.** a small or solid wheel; an open railway wagon for goods; a trolley or barrow with two wheels; a bogie; a small two-wheeled barrow with a turned-up front; a motor vehicle of heavier construction than a car, designed for the transportation of commodities, or often a specific commodity; a lorry; a cap at the top of a mast or flagstaff; a jazz dance; to dance the truck; to walk in an affectedly lounging style with loping strides, the body laid back from the hips; to convey by truck.ٽرڪ. مال ڍوئيندڙ گاڏي. ڇڪڙو. سواري. بارگاڏو. مختلف قسمن جون سواريون جن ۾ مال هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچائي سگهجي. مستول جي چوٽيءَ تي ٺاهيل ٽوپيءَ نما بيهڪ. ناچ جو قسم . ناچ ڪرڻ. ٽڪڙو ٽڪڙو هلڻ. وڏيون وکون کڻڻ. سٽل حالت ۾ پيل. ٽرڪن يا مال گاڏين وسيلي اسباب آڻڻ نيڻ.

truckage (ٽرڪيج) **n.** carriage by truck; charge for carriage by truck; supply of trucks..ٽرڪن ۾ مال ڍوئڻ. ڍورائي. ڀاڙو. ٽرڪن ۾ پهچائڻ. تبادلو. معاوضو.

truckie (ٽرڪي) **n.** a lorry driver.ٽرڪ يا مال ڍوئڻ واريءَ گاڏيءَ جو ڊرائيور.

truckle (ٽرڪل) **n, vt, vi.** a pulley-wheel; a small wheel or castor; a truckle-bed; a barrel-shaped cheese; to move on rollers; to sleep in a truckle-bed; to behave with servility..چڪري. ڦيٿو. ننڍو ڦيٿو. پلنگ جو ڦيٿو. ڪرسيءَ جو ڦيٿو. پنير جو قسم. پلنگ هيٺان رکيل پلنگ (ٻاهر ڪڍي اُن تي سمهڻ).

truckle-bed (ٽرڪل بيڊ) **n.** a low bed that may be wheeled under another.هڪ هاٺ پلنگ يا کٽ هيٺان ٻي ننڍن پاون واري کٽ جيڪا اُن جي هيٺان هلي وڃي.

truculence, truculency (ٽرڪولنس. ٽرڪولنسي) **n.** ferocity, savageness; aggressiveness, discourtesy. شوخي. تُندي. بيرحمي. وحشت. سنگدلي. ڪرڙائي. آڪرائي. بي محابي. بي ادبي. بي لحاظي. بد اخلاقي.

truculent (ٽرڪو لنٽ) **adj.** very fierce; terrible of aspect; savage; cruel; aggressive and discourteous..شوخ طبع. تند مزاج. بيرحم. وحشي. سنگدل. سخت مزاج. بي محابو. بي ديدو. بي لحاظ. بد اخلاق. بدتميز. حيوان.

trudge (ٽرج) **vi, vt, n.** to walk with fatigue, labour or effort; to plod doggedly; to plod wearily or doggedly along, over, a heavy or weary walk; a trudger.ٿرڻ. ٿرندو هلڻ. گيڙندو هلڻ. گهندو وڃڻ. ٿورَ. ڳهه. پيرين پيادو سفر ڪرڻ. تڪليف سان هلڻ.

trudgen (ٽرجن) **n.** a swimming stroke in which each hand alternately is raised above the surface, thrust forward, and pulled back through the water. ترڻ جو طريقو جنهن ۾ هٿن کي واري واري سان هلائي اڳتي وڌي سگهجي.

true (ٽرو) **adj, adv, n.** faithful; truthful; loyal; honest; exact; correct; right; constant; trusty; genuine; properly so called; typical; conformable to faith; accurately adjusted or in tune; straight or flat; agreeing with fact; actual; absolute; corrected; accurate; rightful; sincere; truly; faithfully; honestly; in accurate adjustment; dead in tune; after the ancestral type; to adjust accurately; that which is true, truth; accurate adjustment.سچو. اصلي. چند. کَرو. اصيل. راست. سَت. برحق. ليڪ. حقي. سچار. صحيح. تحقيق. وفادار. برحال. سايبان. پورو. حقيقي. درست. رَدَ. لنگسالي. جوکو. وهنوار (جي ڳالهه). حقيقي. يڪدل. نمڪ حلال. حلالي. وفادار.

پتورت (اسري)، ستي، سوڌيت، سنئون سڌو، صادق، راستباز، مائيتو پيئيتو، اصيل مائهو، ايمان جي سلامتيءَ وارو، همدرد، غمگسار، هڏ ڏوکي، ثابت قدم.

true bill (ٽروبل) **n.** a bill of indictment endorsed, after investigation, by a grand jury, as containing a case for the court.عدالت حوالي ڪرڻ لاءِ پنجن طرفان ڏنل مڪمل رايو جنهن ۾ ڏوهاريءَ کي گنهگار سمجهيو ويو هجي.

true-born (ٽروبارن) **adj.** of genuine birth; pure-bred; true to the qualities of the breed; legitimate..جندُ، خالص نسل، اصيل، حقي، حقيقي، ٻڪاڻو، اصلي، هوبهو، خالص جم.

true-bred (ٽروبريڊ) **adj.** pure-bred; typical; of good breeding.آصيل، ايمان جي سلامتيءَ وارو، سٺي نسل وارو، اصلي نسل وارو، ٻڻ، پيڙهي، نسل، اولاد.

true-devoted (ٽرودووٽيڊ) **adj.** full of honest zeal.جوش وارو ، ولولي وارو، همدرد، هڏ ڏوکي.

true-hearted (ٽروهارٽيڊ) **adj.** sincere; faithful.سچو نمڪ حلال، وفادار، همدرد، هڏڏوکي، پروسي جهڙو، ايمان وارو.

true-love (ٽرو لو) **n.** someone truly or really beloved; a sweet-heart; a faithful lover; a true-love knot; a quatrefoil; a four-leaved clover; herb-Paris.محبوب، پيارو، معشوق، دل وارو، وڻندڙ، سچو يار، يار غار، وفادار، برسيم جو گاهه، لوسڻ جو گاهه.

true-love knot or true-lover's knot(ٽرو لو ناٽ- ٽرولو سا ناٽ) **n.** an ornamental or symbolic knot or interlaced design, as a two-looped bow or a knot with two interlaced loops. سينگار واري ڏوري يا پٽيءَ جو ڦسر.

trueman (ٽرومئن) **n.** an honest man.ايمان وارو، سچار، سچو، کرو، صحيح، ساپيان..

truepenny (ٽروپيني) **n.** an honest fellow..وفادار، ايماندار، هڏ ڏوکي، سچار.

true time (ٽروٽائيم) **n.** the time according to the position of the sun, as opposed to mean time.سج جي بيهڪ مطابق ڪنهن جاءِ جو اصل يا صحيح وقت. سج مطابق وقت. ڪنهن جاءِ جو پنهنجو وقت.

truffle (ٽرفل) **n.** any fungus of the genus Tuber or the family; its underground edible fructification; a rich confection made with chocolate, butter, shaped into balls. ڪاجرو کيني، ٽرفل کنبي، چاڪليٽ وارا ڪنمتڙا.

Tupperware ® (ٽپر ويئر) **n.** a range of plastic storage containers, esp for food. پلاسٽڪ جا ڪاڻي جون شيون رکڻ لاءِ دٻا يا مرتبان.

tuque (ٽيوڪ) **n.** a Canadian cap made by tucking in one tapered end of a long cylindrical bag, closed at both ends (Fr). ڪئناڊا جي ٽوپي.

tu quoque (ٽيو ڪئوڪئي) you too, you're another. (L) تون ٻه، تون ٻه آهين. ٻيو تون آهين.

turacin (ٽيوڙرسن) **n.** the soluble red pigment of turaco feathers, containing copper and propbyrin, unique in the animal kingdom. ڪنين مان ملندڙ ڳاڙهو رنگدار مادو.

turaco or touraco (ٽوراڪو) **n.** any of various African arboreal birds of the family of the genus Tauraco and related genera, with glossy, brightly-coloured plumage and short, stout bills. آفريڪا جا مختلف تيز رنگن وارن پرن وارا پکي. ڪوڪل ۽ چانهه پکيءَ جي خاندان جا سهڻا ۽ رنگين پکي. ٽوراڪو پکي.

turacoverdin (ٽوراڪو وردن) **n.** an iron-based pigment in turaco feathers, the only pure green pigment found in birds. پکين جي پرن مان ملندڙ ساوو رنگدار مادو.

Turanian (ٽيورنين) **adj, n.** of Asiatic languages, neither Iranian nor Semitic; latterly almost the same as Ural-Altaic; a speaker of one of these languages. مرڪزي ايشيا ۾ ڳالهايون ويندڙ ايشيائي ٻوليون.

turban (ٽربن) **n.** a head-dress worn by the Orientals, Muslim or Sikh men, consisting of a long sash wound round the head or round a cap; a woman's headdress similar to this.. پٽڪو، پڳ، پڳڙي، دستار، رئو، پوتي، چادر، حجاب، رومال.

turbary (ٽر بري) **n.** the right to take peat from another's ground; a place where peat is dug. ناسياتي مادو. ٻئي جي ملڪيت واري ٻوراڙ واري زمين مان ناسياتي مادو ڪڍڻ جو قانوني حق. ٻوراڙ ، ٻوراڙ کوٽڻ وارو هنڌ.

Turbellaria (ٽربليريا) **n.pl.** a class of ciliated flatworms. چپٽرن جيان جي هڪ جنس.

turbid (ٽربڊ) **adj.** disordered; muddy; having the sediment disturbed; not clear; thick.. ميرو، گڙٻڙو، لڙو، لڙ، لڙاٽو، لڙاٽيل، گدلو، ڏنڊلو، غير شفاف، گهاٽو.

Turbidimeter (ٽربڊي ميٽر) **n.** a device for determining the surface area of a powder by measuring the light-scattering properties of a fluid suspension. ڏنڊ پيما، ميل پيما، ملاوٽ پيما.

turbidite (ٽربڊائٽ) **n.** the sediment deposited by a turbidity current. لڙاٽيل پاڻيءَ جو زمين تي ڇڏيل رهه يا لٽ.

turbidity (ٽربڊٽي) **n.** muddily,. لڙ، ميراڻي، ڏنڊ، ميل، لڙاٽ، ميراڻ، گدلاڻ، ملاوٽ.

turbidity current (ٽربڊٽي ڪرنٽ) **n.** a volume of sediment-carrying water which flows violently down a slope under water. گدلي پاڻيءَ جو تيز وهڪرو، لڙاٽيل پاڻيءَ جو وهڪرو، لٽ ڀريل پاڻيءَ جو وهڪرو.

turbinacious (ٽربنيشس) **adj.** (of the smell of whisky) peaty. شراب مان بانس اچڻ، بدبودار شراب.

turbinal (ٽربينل) turbinate; a scroll-like bone of the nose. لاٽونءَ شڪل نڪ جو وچون هڏو.

turbinate or turbinated (ٽربينيٽ يا ٽربينيٽيڊ) **n, adj.** a turbinal; a turbinate shell; shaped like a top or inverted cone; conical; spiral; spirally coiled; scroll-like; turbinal. لاٽونءَ شڪل، لاٽونءَ وانگر ڦرندڙ، لاٽونءَ شڪل ٺهيا ڪل، هيٺان سنهي ۽ مٿان ويڪري بيهڪ.

turbine (ٽربائن/ ٽربن) **n.** a rotary motor in which a well or drum with curved vanes is driven by reaction or impact or both by a fluid (water in the water-turbine, steam in the steam-turbine, expanding hot air in the gas-turbine) admitted to it and allowed to escape. چرخ چرخي، نار، هَرلو، پاڻيءَ يا گئس جي زور تي هلڻ وار چرخي.

turbined (ٽربائيڊ) **adj.** having or driven by a turbine or turbines. چرخيءَ رستي هلايل نار جي قسم جي بيهڪ.

turbine-pump (ٽربن پمپ) **n.** a device for raising water by the inverted action of a turbine wheel. پاڻي ڪڍڻ وارو موٽر .

turbine-steamer (ٽربن اسٽيمر) **n.** a ship driven by steam-turbine. ٻاڦ جي انجڻ تي هلندڙ بحري جهاز، آگبوٽ، ٻاڦ چرخي جهاز.

turbit (ٽربٽ) **n.** a domestic pigeon having white body, coloured wings, a short beak.. اڇو گهريلو ڪبوتر.

turbo (ٽربو) **n.** a member of a tropical genus of turbinate wide-mouthed gasteropods, large specimens

of which are often used as ornaments.ڪوڏن وارا جيت، صدفي مخلوق، ويڪري منهن وارا ڪوڏ.

turbo- (ٽربو) combining form : signifying having, connected to or driven by a turbine.چرخيءَ تي هلڻ وارو، چڪر، چرخ چولي، چرخ لڪ.

turbo-car (ٽربو ڪار) **n.** a car propelled by a turbo-charged engine. چرخيءَ واري موٽر گاڏيءَ جي انجڻ.

turbocharger (ٽربو چارجر) **n.** a turbine operated by the exhaust gases of an engine, thereby boosting its power.چرخ گئس پارڻ، چرخيءَ جو ٻاڦ پارڻ، موٽر گاڏيءَ جي انجڻ ڪي خارج گئسن رستي وڌيڪ قوت مهيا ڪندڙ اوزار.

turbo-diesel (ٽربو ڊيزل) **n.** a turbo-charged diesel engine; a vehicle powered by this..چرخيءَ واري ڊيزل انجڻ، چرخي لڳل موٽر جي انجڻ.

turbo-electric (ٽربو ليڪٽرڪ) **adj.** using a form of electric drive in which turbine-driven generators supply electric power to motors coupled to propeller, axle shafts.چرخين هلائڻ لاءِ بجلي پيــدا ڪرڻ جو طريقو.

turbofan (ٽربو فين) **n.** a gas-turbine aero-engine in which part of the power developed is used to drive a fan which blows air out with the exhaust and so increases thrust.هوائي جهازن جي گئس چرخي انجڻ جيڪا پکن رستي وڌيڪ قوت ۽ زور حاصل ڪري ٿي.

turbo-generator (ٽربو جنريٽر) **n.** a generator of electric power, driven by a steam-turbine..چرخ انجڻ، چرخيءَ رستي بجلي پيدا ڪرڻ وارو موٽر.

turbojet (ٽربو جيٽ) **n.** (an aeroplane powered by) an internal-combustion aero-engine in which the gas energy produced by a turbine-driven compressor is directed through a nozzle to produce thrust.گئس چرخ، هوائي جهاز جيڪو چرخ انجڻ رستي تيز رفتاريءَ سان گئس کي خارج ڪري پنهنجي رفتار وڌائي سگهي ٿو.

turboprop (ٽربو پراپ) **n.** a jet-engine in which the turbine is coupled to a propeller.هوائي جهاز جنهن جي انجڻ کي ٻاهرين پرن جي قوت سان هلايو وڃي.

turbo-ram-jet (ٽربو رئمجيٽ) **n.** an engine consisting of a turbo-jet mounted within the duct of a ram jet. جيٽ انجڻ جيڪا هوائي جهاز ۾ استعمال ٿئي ٿي.

turbosuper-charge (ٽربو سپرچارج) **n.** an aero-engine supercharger operated by a turbine driven by the exhaust gases of the engine.خارج ٿيندڙ گئس کي وري استعمال ۾ آڻي هلائڻ واري انجڻ جو نظام.

turbot (ٽربوٽ) **n.** a large flatfish with bony tubercles; its flesh (as a highly valued food); extended to various more or less similar fishes.جريث مڇي، سئي خوراڪ واري مڇي.

turbulator (ٽربيوليٽر) **n.** a device which creates turbulence, eg in order to mix or disperse fluids; a device fitted to ship's funnel to assist the dispersal of smoke, fumes etc سانداٽيءَ جهڙو اوزار (جنهن سان ٻيا چول وجهي سگهجي)، بحري جهاز مان دونهون ٻاهر ڪڍڻ وارو پکو يا چڪري.

turbulence (ٽربيولينس) **n.** disturbed state; unruly character or action; irregular eddying motion of particles in a fluid; irregular movement of large volumes of air..فتنو، فساد، هنگامو، هُل، فتور، وڪاد، گوڙ، سوزش، گرداب، هوا جي تمام تيز ۽ آڏي ليڏي چرپر، ٻي ڍنگي چلت

turbulent (ٽربيولنٽ) **adj.** tumultuous, violently disturbed; in violent commotion; producing commotion; stormy; of fluid, showing turbulence; insubordinate; unruly; having an exciting, disturbing effect..فتنائي، خللي، فتني، سرڪش، دنگي باز، (سمنڊ) آڪرو، گوڙ ڪندڙ، بکيڙائي، موجزن مفسل، گردابي، تمام تيزهوا، طوفاني، پاڻيءَ جي گجگوڙ، شرير، فسادي.

Turco (ٽرڪو) **n.** an Algerian infantryman in the French service (Ital, Turk).فرانس جي فوج جو الجزائري سپاهي.

Turco- (ٽرڪو) combining form : Turkish; Turkish and ٽرڪ، ترڪ باشندو.

Turcophil or **Turcophile** (ٽرڪو فل- فائل) **n.** someone who favours the Turks.ٽرڪن جو مددگار، ٽرڪن جو حمايتي.

Turcophobe (ٽرڪو فوب) **n.** one who fears or dislikes the Turks. ترڪن کان ڊڄندڙ، ترڪن کان نفرت ڪندڙ.

turd (ٽرڊ) **n.** a lump of dung; a despicable person. بوسو، ڇيڻو، ڇيڻي جو ننڍو چاڻو، گولڙو، چاڻو.

turdine (ٽرڊائن) **adj.** of, resembling or belonging to thrush or the thrushes.طوطي پکيءَ جي جنس وارو ٻولڻو پکي، جابلو ليلو پکي، هيڙو پکي، ٻولڻو پکي، سريلو آواز ڪڍندڙ پکي.

turdoid (ٽرڊائڊ) **adj.** thrush-like. طوطيءَ پکيءَ جهڙو.

Turdus (ٽرڊس) **n.** the thrush genus. طوطي پکيءَ جي جنس.

tureen (ٽرين) **n.** a large and deep dish for holding soup, vegetables at table.وڏو پيالو جنهن ۾ رٻ يا ٻوڙ پاڃي وجهي ورهائڻ لاءِ رکجي، ڏونگهو، ڊش.

turf (ٽرف) **n. vt.** the surface of land matted with the roots of grass; a grassy layer on the ground; a slab of turf cut off; a sod; slab of peat; territory, area

of operation or influence, patch; horse-racing, the race-course, the racing world. سبز زار، شرط گاهہ، گاهہ ملیل پنجو، سر سبز میدان، گاهہ پریل میدان، ولهار، چهر جو قسم ، ڌرتيءَ تي چانيل ساوڪ جي چادر، گهوڙي ڊوڙ جو ميدان، گهوڙن جو ڊوڙڻ، گهوڙن ڊوڙائڻ وارن جي دنيا.

turf accountant (ٽرف اڪائونٽنٽ) **n.** a bookmaker. گهوڙن جي ريسن بابت ضروري معلومات مهيا ڪندڙ، شرطون ونندڙ.

turf-clad (ٽرف ڪلئڊ) **n.** covered with turf. سبزي پريل زمين، ولهار، گاهہ ڍڪيل زمين.

turf-drain (ٽرف ڊرين) **n.** one covered with turf. گاهہ پريل نالي.

turfing-iron (ٽرفنگ آئرن) **n.** an implement for cutting turf. گاهہ ڪٽڻ وارو اوزار.

turf-man or **turfite** (ٽرف مئن يا ٽرفائٽ) **n.** turf out someone devoted to horse-racing. گهوڙن جي ڊوڙ ڏسڻ (يءِ انهن تي شرط لڳائڻ) جو شوقين.

turf out (ٽرف آئوٽ) **vt.** to throw out forcibly, to eject. زبردستي ٻاهر ڪڍي ڇڏڻ (گوڙ بکيڙي ڪري).

turf-spade (ٽرف اسپيڊ) **n.** a long narrow spade for digging turf رنبو اوزار.

turgent (ٽرجنٽ) **adj.** turgid. سجيل ، ڏوٽريل، ڀريل، روڳي، ڇڪيل، سخت، پڪو، مضبوط، اپريل.

turgescence (ٽرجينس) **n.** the act or process of swelling up; swollenness; distension of cells and tissues with water. ڇڪ، ڦوٽو، ڦهلاءُ سوڄ، سوزش، ڏوٽر، سور، پاڻي ڀريل.

turgescent (ٽرجيسنٽ) **adj.** swelling; growing big; becoming turgid. ڇڪيل، ڦوڪيل، سڄيل، ڏوٽريل.

turgid (ٽرجڊ) **adj.** swelling; swollen; bloated; inflated; bombastic; extended beyond the natural size; dilated; pompous; firm and tense by distension with water. سجيل، ڏوٽريل، روڳي، ڇڪيل، پاڻي ڀريل، سخت، پڪو، مضبوط، اپريل، ڦوڪيل.

turgor (ٽرگار) **n.** the state of being full, the normal condition of the capillaries; balance of osmotic pressure and elasticity of cell-wall. ڇڪ، ڦوٽو، ڦهلاوٽ، جيو گهرڙي جي ديوارن يا ڪل جي زور يا ڦهلاءَ برداشت قوت.

Turing machine (ٽيورنگ مشين) **n.** a hypothetical computer, able to perform an infinite number of calculations. (هڪ خيالي) ڪمپيوٽر جيڪو هر قسم جو حساب ڪتاب ڪري سگهي.

Turing test (ٽيورنگ ٽيسٽ) **n.** (computing) a test for intelligence in a computer, which requires that human should be unable to distinguish it from another human by the replies to questions put to both. ڄاڻ يا سمجهہ جو امتحان جيڪو ڪمپيوٽر تي ورتو ويندو آهي، مختلف ماڻهن کان ساڳين سوالن جا جواب حاصل ڪري، انهن جي پرک ڪرڻ. پيمائش.

turion (ٽيورين) **n.** an underground bud, growing upwards into a new stem. ٿلهن سلي جي زير زمين پاڙ يا ٽڙي.

Turk (ٽرڪ) a native or citizen of Turkey; a Muslim of the former Ottoman empire; any speaker of a Turkic language; a Muslim; anyone with qualities ascribed to Turks, esp an unmanageable unruly person; a Turkish horse; a Turkish ship. ترڪ، ترڪ قوم، ترڪيءَ جي مسلمان قوم، ترڪي ٻولي ڳالهائيندڙ، تيز طبيعت وارو ماڻهو، ڦڏئي، فسادي، جهيڙالو، جهيڙاڪار، ترڪي گهوڙو، ترڪي بحري جهاز، هانداڻو ٻار، رَوهي

turkey (ٽرڪي) **n.** a guinea-fowl; a large gallinaceous fowl; an American genus of the pheasant family; a domestic breed of that genus; its flesh as food; extended to various big birds, such as a bustard, ibis and megapode; a play, film, that is complete failure; a fool, a slow or inept person. فيل مرغ پکي، پيرو (پکي)، اتر آمريڪا جو ڪڪڙ جي جنس جو وڏو پکي (جيڪو سلو ءِ گهٽو گوشت ڏيندڙ آهي)، فلم يا ڊارمو جيڪو مڪمل طور ناڪام رهيو هجي، بي وقوف، ڪم عقل، بي سمجهہ، ڪوڙهہ مغز.

turkey brown (ترڪي برائون) **n.** an angler's name for the mayfly, or an artificial imitation of it. مڇيءَ پڪڙڻ لاءِ اصلي يا نقلي چارو.

turkey buzzard or **vulture** (ٽرڪي بزارڊ يا ولچر) **n.** an American vulture. آمريڪي ڳجهہ، ٽرڪي ڳجهہ، تمام وڏي قد بت واري ڳجهہ.

Turkey carpet (ٽرڪي ڪارپيٽ) **n.** a soft thick kind of carpet with a distinctive bright pattern. ترڪيءَ جو بخملي ءِ تيز رنگن وارو غاليچو.

turkey-cock (ٽرڪي ڪاڪ) **n.** a male guinea-fowl; a male turkey; a strutting, pompous arrogant blusterer. فيل مرغ (نر) نر ٽرڪي، ٢٦ هفتن کان وڏيءَ ڄمار وارو ٽرڪي نر.

turkey-hen (ٽرڪي هين) **n.** a guinea-hen; a female turkey. فيل مرغ (مادي)، وڏي ڄمار واري فيل مرغي.

Turkey-hone (ٽرڪي هون) **n.** novaculite. سِراڻ جو پٿر، روهي.

Turkey merchant (ٽرڪي مرچنٽ) **n.** one trading with the Near East. ترڪيءَ جي آس پاس وارن ملڪن سان ڪاروبار ڪندڙ واپاري.

Turkey oak (ٽرڪي اوڪ) **n.** a Levantine species of

oak. شاهہ بلوط وڻ جو قسم.

Turkey red (ٽرڪي ريڊ) n. a fine durable red dye, obtained from madder, but now mostly chemically. ڳاڙهو پڪو رنگ.

turkey-shoot (ٽرڪي شوٽ) n. a battle involving large-scale killing or destruction of easy targets; anything easily won or accomplished. آسان شڪار ڪرڻ. پاڻ کان گهٽ يا ڪمزور تي حملو ڪرڻ. آسانيءَ سان حاصل ڪرڻ جهڙي شيءِ.

Turkey-stone (ٽرڪي اسٽون) n. Turkey hone; the turquoise. فيروزو پٿر. روهي پٿر. سِراڻ وارو پٿر.

turkey-trot (ٽرڪي ٽراٽ) n. a kind of ragtime dance. ناچ جو قسم.

turkey vulture (ٽرڪي وِلچر) n. turkey buzzard. آمريڪي ڳجهہ پکي. ترڪي ڳجهہ. وڏي قد بت واري ڳجهہ.

Turki (ٽرڪي) adj, n. of the Turkish as distinguished from the Tatar branch of Turko-Tatar languages; a Turki speaker or language. ترڪي قوم وارو. ترڪي ٻولي ڳالهائيندڙ. اصل ترڪ.

Turkish (ٽرڪش) adj, n. of Turkey, the Turks, or their language; Turkic. ترڪيءَ جو. ترڪ باشندو. انهن جي ٻولي.

Turkish bath (ٽرڪش باٿ) n. a kind of hot-air bath in which the client is sweated, rubbed down, massaged and gradually cooled. گرم حمام خالو جنهن ۾ گرميءَ رستي پگهرائي، مهٽي، مالش ڪري ۽ پوءِ ٿڌو ڪري تيار ڪيو ويندو آهي.

Turkish coffee (ٽرڪش ڪافي) n. a strong black coffee. تيز ۽ بنا کير واري ڪافي. ڪاري ڪافي.

Turkish delight (ٽرڪش ڊِلائيٽ) n. a gelatinous confection, orig and esp Turkish, variously flavoured and coloured, and coated with powdered sugar. ترڪيءَ جا تيز مٺاڻ وارا چاهو ڪنمٺڙا.

Turkish towel (ٽرڪش ٽاول) n. a towel made of cotton terry. ڳهرو ٽوال. عام سوٽي ٽوال.

Turkman or Turkoman (ٽرڪمين يا ـــمَن) n, adj. a member of any of various Turkic peoples inhabiting the region east of the Caspian Sea and south of the Aral Sea, comprising Turkmenistan and parts of Iran and Afghanistan; the Turkic language of these people. ٿرڪ . ترڪمانستان ۽ ڪيسپين سمنڊ جي آس پاس جا رهاڪو باشندا.

Turkoman carpet (ٽرڪمين پيٽ) n. a traditional carpet of rich colours with a soft long-nap. ترڪيءَ جو تيز رنگن وارو غاليچو .

Turk's cap or Turk's cap lily (ٽرڪس ڪئپ/ ڪئپ للي) n. the martagon lily from the appearance of the rolled back petals of the nodding flower. نيلوفر. ڪنول. ترگس ياسوسن گل ۽ ان جهڙا ٻوٽا.

Turk's head (ٽرڪس هيڊ) n. a kind of turban-like ornamental knot; a long broom; a figure set up for practice in swordsmanship. پڳڙي يا پٽڪي جهڙي ڳنڍ. وڏو ٻهارو. تلوار بازيءَ جي مقابلي لاءِ رکيل رقم.

turlough (ٽرلوهہ) n. a pond that dries up in summer. پاڻيءَ جي کڏ جيڪا اونهاري ۾ سڪي وڃي.

turm (ٽرم) n. a troop. فوج. فوجي جٿو.

turmeric (ٽرمرڪ) n. a plant of the ginger family; its rootstock, or a powder made from it, used in making curry powder and as a dye. هيڊ. ڪانڊي. هلدي. زرد ڪائي (مصالحو). هيڊ ٻوٽو.

turmeric paper (ٽرمَرڪ پيپر) n. a chemical test-paper impregnated with turmeric, changed from yellow to brown by alkali. زرد ڪاٽ ڪاغذ. ڪيميائي تجربي وارو پيلو ڪاغذ جيڪو الڪليءَ لڳڻ ڪري ناسي ٿي ويندو آهي.

turmoil (ٽرمائل) n, vt, vi. commotion; disquiet; tumult; to harass with commotion; to toss about; to toil. گوڙ بکيڙو. خرخشو. هَل هنگامو. کِٽ. فساد. شور. شورش. گوڙ شور. افراتفري. بي فرحتي. بي آرامي.

turn (ٽرن) vt, vi, n. to revolve; to rotate, to spin, whirl; to cause to move round; to hinge; to direct; to depend; to issue; to change or reverse direction or tendency; to return; to deviate; to shape one's course; to betake oneself; to direct one's attention; to change sides, religion or mode of life; to be fickle; to change; to be transformed or converted; to become; to result, prove or lead in the issue; to be shaped on the lathe; to become sour; to change colour; to become giddy; to be nauseated; to bend back, become turned; to tack, beat to windward; to rotate; to move round; to change the direction of; to deflect; to bend; to bend back the edge of; to reverse; to pass round or beyond; to wind; to set out-side in; to direct; to point; to apply; to send, drive, set; to pour or tumble out; to employ in circulation; to translate; to change; to make milk or cream sour; to infatuate; to transfer, hand over; to convert, make; to return, give back; a bend; single traversing of a beat or course; a short walk; a fit of

illness or emotion; a crisis; a spell; rotation; a trick; a performer's act or the performer; a shift; a bout; fashion; manner; cast of mind; aptitude; bent; occasion, exigency; a vicissitude; a characteristic quality or effect; act of kindness or malice. ڪِهمائڻ، چڪري، ڦيرو، چڪر، وارو، ڦيرائڻ، (ڪَن) ورائڻ، ڪائڻ، ڦيرڻ، مائل ڪرڻ، مخاطب ڪرڻ، ڪم ۾ آڻڻ، استعمال ۾ آڻڻ، بدلائڻ، ابتو ڪرڻ، (چرخو) چورڻ، چڪري ڪارائڻ، ابتائڻ، (ٽار) وهائڻ، ڪيڙڻ، مٽائڻ، بدلائڻ، (منهن) ڦيرڻ، (جنديءَ) چاڙهڻ، ترجمو ڪرڻ، اٿلائڻ، ڦيرڻ، هڪ طرف ڪان ٻئي طرف ڪرڻ، راهه ترڪ ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ، ڪِهڙڻ، تراشڻ، ٺاهڻ، ڪلڏو ڪرڻ، (ڪير) جمائڻ، پيچ ڪهڙ ڪرڻ، (دل ۾) سوچڻ، ممنون ڪرڻ، تاثير بدلائڻ، راهه ترڪ ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ، ممنون بڻائڻ، هنڊائڻ (حلال جو پئسو) ڪمائڻ، (ڏيان) لڳائڻ، (چريو) ڪري ڇڏڻ، (بازيلي) ڪيڏڻ، (صفحو) ورائڻ، (ڪي) اٿل ڏيڻ، (جو) طرف ڦيرڻ، روڪڻ، (مٿو) ڦيرائي ڇڏڻ، چڪر ڪائڻ، ڦرڻ، دل ڪچي ٿيڻ، (بي ايمان) لڪري پوڻ، (ڪافر) بڻجڻ، (مسلمان) ٿيڻ، مٽجڻ، بدلجڻ، مدار رکڻ، منحصر هَئڻ، موقوف هئڻ، مدار هئڻ، ڦري وڃڻ، ڦري فائديمند ٿيڻ، (ڪير) ڦٽڻ، (فقير کي) موٽائڻ، منهن موڙڻ، منهن ڦيرڻ (جي) بر خلاف وڃڻ، اندر ورائڻ، سمهڻ وڃڻ، نوڪر ڪڍڻ، ڪم تيار ڪرڻ، نل کولڻ، ڪڍي ڇڏڻ، لوڏڻ، (ڳالهه) سڄي لڪري پوڻ، اٿلائڻ، ورائڻ، ڏلڏو ڪرڻ، شروع ڪرڻ، ڦيرو ڪائڻ، ڪم کي جنبڻ، ولڻ، کولڻ، (جيڪري) اُبٿو اچڻ، وجهه ملڻ، ٿيڻ، پيدا ٿيڻ، اچي لڪرڻ، منهن ڪڍڻ، ڏئي ڇڏڻ، حوالي ڪرڻ، موٽي اچڻ، واپس ڏيڻ، بيمار ٿيڻ، پنڌ ڪرڻ، پسار ڪرڻ، ڪهمڻ، تڪليف، مصيبت، مولجهارو، فيشن رائج ٿيڻ، حالت، خوبي، سياءُ، طبيعت، موقعو، اتفاق، مهرباني ڪرڻ، تورو ڪرڻ، تڪليف ۾ وجهڻ، منحصر هئڻ، موقوف هئڻ، مدار هئڻ، ڦري وڃڻ، ٻئي طرف متوجه ٿيڻ، منتقل ٿيڻ.

turn about or **turn around** (ٽرن آباٿوٽ يا ارائونڊ) **n.** a turning to face the opposite direction; a reversal in opinion, policy, course of action.. ٻئي پاسي منهن ڦيرڻ، ٻئي ڌڙي بيهڻ، اڳ مقرر ڪيل اصولن جي برخلاف ٿيل، قول ۽ فعل ۾ فرق اچڻ، ڦري وڃڻ، مٽجي وڃڻ.

turn around (ٽرن آرائونڊ) of a ship, aircraft, to arrive, unload, reload and leave again; to reverse the course or direction of; to reverse the fortunes of. (بحري جهاز يا هوائي جهاز جو) اچڻ، سامان ۽ مسافر لاهڻ، وري چاڙهڻ ۽ واپس روانو ٿي وڃڻ، موٽي وڃڻ، قسمت جو ڦرڻ، فقير جو امير ۽ امير جو فقير ٿيڻ.

turn aside (ٽرن اسائيڊ) to avert; to deviate; to avert the face. پاسي ڪرڻ، پاڻ بچائڻ، ڦري وڃڻ، رخ مٽائڻ، منهن ٻئي پاسي ڪرڻ.

turn away (ٽرن آوَي) to dismiss from service; to discharge; to avert, to turn or look in another direction; to deviate, to depart; to refuse admittance; to reject, send away. نوڪريءَ مان ڪڍڻ، ڪڍي ڇڏڻ، منهن ٻئي پاسي ڪرڻ، ٽارڻ، ٻئي طرف ڏسڻ، منهن ڦيرائڻ، ڦري وڃڻ، رخ مٽائڻ، روانو ٿيڻ، نڪري وڃڻ، داخل ٿيڻ جي اجازت نه ڏيڻ، انڪار ڪرڻ، ناڪار ڪرڻ، (فقير کي) موٽائڻ، منهن موڙڻ.

turn back (ٽرن بَئيڪ) **adj.** a folded-back part; a person who retreats from or abandons an enterprise; to cause to retreat; to return; to fold back.. پوٺتي ورايل، (شروع ڪيل) ڌنڌي مان هٿ ڪڍي وڃڻ، موٽڻ، موٽي اچڻ، واپس ورڻ، پيٺو ڪرڻ، مٿان ورائڻ.

turn-bench (ٽرن بينچ) **n.** a watchmaker's portable lathe. واچن جي مرمت ڪرڻ واري جو هڪ اوزار.

turn broach (ٽرن برُح) **n.** a turnspit. گوشت پچائڻ واري سيخ.

turn buckle (ٽرٽڪل) **n.** a coupling with screw-threads for adjusting tension. تنگ چڪڻ، ٻن هڪ ٻئي مٿان جوڙيل لڙن مٿان لڳل پيچ وارو ڇلو.

Turnbull's blue (ٽرن بُليس بلوَ) **n.** a ferrous ferricyanide (or ferric ferrocyanide). معدني ڏاتو.

turn-cap (ٽرن ڪئپ) **n.** a revolving chimney cap. بخاريءَ جو ڦرندڙ ڍڪ.

turncoat (ٽرن ڪوٽ) **n.** a renegade to one's principles or party. غدار، ڌرم هيڻ، بي ايمان، مرتد ، منافق، ولڙيل ، ڦريل، ڦري ويل، اصولن تان ڦريل.

turn cock (ٽرن ڪاڪ) **n.** a valve which by turning regulates water flow; an official who turns off and on the water for the mains.. پاڻي کولڻ ۽ بند ڪرڻ جو بوچ، پاڻي کولڻ ۽ بند ڪرڻ لاءِ ذميوار ڪارلدو.

turn colour (ٽرن ڪلر) to change colour. رنگ مٽائڻ.

turndown (ٽرن ڊائون) **adj, n.** folded down; a turndown part; a turning-down collar; a turning down, rejection; to bend, double or fold down; to invert; to lower a light, volume on a radio; to reject. نامنظور ڪرڻ، انڪار ڪرڻ، ميڇڻ ڪان ناڪاري ٿيڻ، پوٺتي ورائڻ، تهه ڪرڻ، پيٺو ڪرڻ، پوٺتي ورڻ وارو ڪالر، ويڙهڻ، (بتي) هلڪي ڪرڻ، (ريڊيو جو) آواز گهٽ ڪرڻ.

turndum or **tundun** (ٽرن ڊم يا ڊن) **n.** an Australian bull-roarer.. آسٽريليا جو ڦرڻيءَ شڪل رانديڪو، ڪاٺ جي ڦرڻي.

turner (ٽرنر) **n.** a person who or thing that turns; a person who uses a lathe; a member of a gymnastic club.. جنديءَ وارو، ڦيرائيندڙ، گول ڦرندڙ، مشين تي ڪم ڪندڙ، پرزن تيار ڪرڻ وارو ماڻهو، ڪسرتي، ڪسرتي اداري جو رُڪن.

turnery (ٽرنري) **n.** the art of turning in a lathe; turner's work; a turner's shop. جنديءَ (لوهه يا ڪاٺ جي) تي

ڪم ڪرڻ وارو ڪاريگر. ليٿ مشين تي ڪم ڪندڙ مستري. ليٿ يا جنڊيءَ جو دُڪان.

turn forth (ٽرن فورٿ) to expel ڪڍي ڇڏڻ. ٻاهر ڪڍڻ. تڙڻ. تڙي ڪڍي ڇڏڻ. لوڏڻ. نيڪالي ڏيڻ. خارج ڪرڻ.

turn in (ٽرن. ان) to bend inward; to enter; to register a score; to surrender; hand over voluntarily; to go to bed اندر ورائڻ. پيش ڪرڻ. اسڪور ڪرڻ. ڪٽڻ. هٿيار ڦٽا ڪرڻ. آڻ مڃڻ. بستري حوالي ٿيڻ. سمهڻ. ننڊ ڪرڻ.

turning (ٽرننگ) n. rotation; reversal; a bend; the act of making a turn; a winding; deviation; a place where a road strikes off; a shaping, esp the art of shaping wood, metal, into forms having a curved (generally circular or oval) transverse section and also of engraving figures composed of curved lines upon a smooth surface, by means of a turning-lathe; a shaving from the lathe; in pottery, the shaping of a vase; conversion, transformation. ڦيرو. ور وڪڙ. ڪُنڊ ڪڙڇ. جنڊيءَ جو ڪم. ليٿ جو ڪم. مشين تي چاڙهڻ جو ڪم. چڪر. گردش. اٿل پٿل. هيٺ مٿي ڦيرو. ڦيرو چاڙهڻ. ڦيرائڻ. هٽي وڃڻ. اهڙي جڳهه جتي روڊ وڃي ڦري. ليٿ وسيلي ٽَڪَ جو ڪم ڪرڻ. چَڪَ. چڪ تي ٿانو لاهڻ. مٽائڻ. بدلائڻ. صورت مٽائڻ. حالت بدلائڻ. ڪاياپلٽ. روپ انتر. شڪل مٽائڻ. هڪ مان ٻيو ڪرڻ.

turning circle (ٽرننگ سرڪل) n. the smallest possible circle in which a vehicle can turn round. گهٽ ۾ گهٽ جڳهه جنهن ۾ موٽر گاڏي موڙي سگهجي.

turning-point (ٽرننگ پوائنٽ) n. the point at which anything turns in its course; a maximum or minimum point on a graph; a critical point. ور. وڪڙ. موڙ. اهڙي جڳهه جتي ڪنهن به شيءِ کي ورڻو پوي. گراف چارٽ تي گهٽ ۾ گهٽ يا وڌ ۾ وڌ وارو نقطو. خطري وارو نقطو. نازڪ صورتحال. ڦيرو ڪارائيندڙ ڳالهه.

turning-saw (ٽرننگ سا) n. a sweep-saw, a thin-bladed saw held taught in a frame, used for cutting in curves. چڪردار آري. گول ڦرندڙ ڪاراتي. چڪر آري. مشيني ڪاراتي. ڪُنڊون يا گولائيون ڪاٽڻ واري ٿلهي هٿ جي ڪاراتي.

turnip (ٽرنپ) n, vt. the swollen edible root of Brassica rapa, cruciferous biennials with white or yellowish flesh, the root as food; the plant producing it; extended to more or less similar roots and plants, such as the American papilionaceous turnip; a big watch; a dunderhead; to plant with turnips; to feed on turnips. گوگڙو. شلجم (ڀاڄي). ٻَردار ساون. پن وارو فصل جنهن جي پاڙ ڀاڄيءَ طور ڪتب ايندي آهي. گوگڙو پوکڻ. گوگڙو کارائڻ. مٿي ڦريل. ڏڏ. موڳو. ڪم عقل. چسو. مڪشت.

turnip flea (ٽرنپ فلي) n. a leaping beetle that eats young turnip and cabbage plants. ننڍڙ يا پوئر جهڙو جيت جيڪو گوگڙو ۽ گوبيءَ کي ڪچي هئڻ واري وقت کائي ناس ڪري ٿو.

turnip-fly (ٽرنپ فلاءِ) n. a fly whose maggots burrow in turnip-roots; the turnip flea. گوگڙو مک. گوگڙوءَ جي پاڙ جو نقصان ڪار جيت. مک. ننڍڙ وغيره.

turnip greens (ٽرنپ گرينس) turnip-tops, esp as a vegetable. گوگڙوءَ جا پن. گوگڙوءَ جي پن جو بطور ساڳ استعمال ڪرڻ.

turnip lantern (ٽرنپ لئنٽرن) n. a lantern made (esp traditionally at Hallowe'en) by scooping out the flesh of a swede گوگڙوءَ جو ڦسر جنهن کي پورو ڪري ڏيئي يا بتيءَ وانگر استعمال ڪري سگهجي ٿو.

turnip-top (ٽرنپ ٽاپ) n. the green sprout of a turnip in its second year, used as a vegetable. گوگڙوءَ جون ساوڻ چوٽيون. گوگڙوءَ جا موڙ. گوگڙوءَ جا پاندر. گوگڙوءَ جو ساڳ.

turnkey (ٽرن ڪي) adj. an under-jailer; a turncock; (a contract for) a job in which the contractor is to complete the entire operation, leaving the building, plant ready for use; (comput) designed and ready for immediate use by the purchaser. جيل جو دربان. پاڻي کولڻ بند ڪرڻ جو بوچ يا وال. ٺيڪو جنهن ۾ هر شيءِ مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ ٺيڪيدار جو ڪو عمل دخل نه رهي. ڪمپيوٽر جيڪو وٺڻ واري جي استعمال لاءِ بلڪل تيار هُجي. ضرورت مطابق تيار ڪيل ڪمپيوٽر.

turnkey system or package (ٽرنڪي سسٽم يا پئڪيج) n. (comput) a computer system complete with hardware and software, usu designed, installed, tested and maintained by the supplier and ready for immediate use by the purchaser. ڪمپيوٽر جيڪو ضرورت مطابق تيار ڪرائي ورتو يا خريد ڪيو ويو هجي.

turn-off (ٽرن آف) a smaller road leading from a main one; to deviate; to dismiss; to divert; to complete, achieve by labour; to shut or switch off; to make someone lose interest or enthusiasm, to bore, be disliked by or distasteful to; to give in marriage; to hang. ننڍو رستو. ڦرڻ. مڙڻ. مڙي وڃڻ. صحيح يا وڏو رستو ڇڏڻ. (نوڪر) ڪڍي ڇڏڻ. خارج ڪرڻ. بند ڪرڻ. پورو ڪرڻ. ڦيرڻ. ٻئي پاسي ڪرڻ يا لڳڻ. (ڪم) تيار ڪري ڏيڻ. سنگ ڏيڻ. (شوق) ختم ٿيڻ. (اڪير) گهٽجڻ. چاهت هٽڻ. بتڻ بند ڪرڻ. محنت

سان حاصل ڪيل، پورهئي سان پورو ڪيل، ڦاهي ڏيڻ، ٽنگڻ.

turn on (ٽرن آن) to set running (eg the flow of water); to set in operation by switching on; to depend on; to turn towards and attack physically or verbally; to give a person a sense of heightened awareness and vitality as do hallucinogenic drugs; to rouse the interest of, excite, esp sexually.(پاڻي) کولڻ، نل وهائڻ. (ڪسي) کولڻ، جاري ڪرڻ، اچڻ ڏيڻ، مدار رکڻ. (بتڻ هلائي) چالو ڪرڻ، روان ڪرڻ، ڪار گند ڪرڻ. بدڪلامي ڪرڻ، ڪهڙ وڌ ڳالهائڻ، جوش وڌائڻ، جذبات ڀڙڪائڻ، جوش ۾ آڻڻ، شوق جاڳائڻ، جنسياتي خواهش اڀارڻ. (بستري مان) نڪري اچڻ، (ٽند مان) اٿڻ. (گهرڪان) ٻاهر نڪري وڃڻ، هليو وڃڻ، روانو ٿيڻ، حاصلات، پيداوار، نتيجو، اپت.

turn out[1] (ٽرن آوٽ) **vt, vi.** to bend outwards; to drive out, to expel; to remove the contents of; to dress, groom, take care of the appearance of; to put cattle to pasture; to produce and put forth; to prove in the result; to muster; to go on strike; to switch off a light; to get out of bed; to go out of doors.پوڪتي وراڻڻ، ٻاهر وراڻڻ، ٻاهر ڪڍي ڇڏڻ، لوڏڻ، خالي ڪرڻ، سڀ ڪجهه ٻاهر ڪڍڻ، تيار ڪرڻ، پوشاڪ پهرائڻ، سنبرائڻ، سينگارڻ، سج ڌڄ ڪرڻ، مال کي چرڻ لاءِ ٻاهر ڪڍڻ، جهنگ موڪلڻ، تيار ڪري رکڻ، مڪمل ڪري ڏيکارڻ، (نتيجي طور) سامهون آڻڻ، قابض ٿيڻ، لائق ٿيڻ، هڙ تال تي وڃڻ، ڪم بند ڪرڻ، بتي يا بجلي بند ڪرڻ.

turnout[2] (ٽرن آوٽ) **n.** a getting out of bed; a coming on duty; a call to come on duty; a siding, passing-place or turning-place; a movable tapered rail for changing to another track; a muster or assembly; a carriage and its horses, a team; output; get-up; outfit of clothes; a display of goods, or equipment; a strike; a striker.بستري مان نڪرڻ جو عمل، ٽند مان اٿڻ، ذميواريءَ واري جڳهه تي پهچڻ، نوڪريءَ تي پهچڻ، پاسي ڪري رکڻ جي جڳهه، ريل کي پاسي تي بيهارڻ جي جڳهه، جنڊيءَ جو ڏڪان، ريل جي پٽڙي مٽائڻ جو نظام، (ريل جو) هڪ رستي کان ٻئي رستي موڪلڻ وارو جوڙ، مجموعو، ڪٺ ٿيل ماڻهن جو ميڙ، ڊمبلو، گهوڙا ۽ گاڏي جٽو، حاصل ڪيل يا تيار ڪيل پيداوار، مال جو تعداد جيڪو ٺاهيو ويو، سنجت، پوشاڪ، ضروري ساز سامان، (دڪان جو) سامان کولي ڏيکارڻ، سينگاري رکڻ، سامان سڙو، ڏڪ، ڏڪ هڻڻ وارو.

turnover[1] (ٽرن آوور) **n.** a turning over; a transference; a part folded over; a newspaper article begun on the front page and continued overleaf; a small pie made by folding over the crust; a small shawl; an apprentice transferred to a new employer to complete the apprenticeship; the total amount of money changing hands in a business; the number of employees starting or finishing employment at a particular place of work over a given period; the money value of total sales over a period; folded over or made to fold over..اٿلائڻ، وراڻڻ، ڏنڊو ڪرڻ. (هيٺرن روپين جو) ڪاروبار ڪرڻ، پاسو وراڻڻ، واپار ڪرڻ، اڪيڙڻ، اٿلائڻ پٿلائڻ، ڪيرڻ، جملي حاصلات، ڪنهن ڪاروبار جو ڪل وڪرو، اخبار جي خبر جيڪا بقايا ٻئي صفحي تي ڏنل هجي، سنبوسي واري بيهڪ ڏيڻ، ماليءَ جي ٻن تهن اندر مصالحو پرڻ، ننڍي لوئي يا شال، تربيت هيٺ ماڻهوءَ کي ٻئي اداري ۾ موڪلڻ، ڪنهن هنڌ تي نوڪريءَ ۾ ايندڙ ۽ ويندڙ ماڻهن جو انگ، ورايل، وراڻڻ لاءِ تيار ڪيل ڪاغذ.

turnover[2] (ٽرن آوور) **vt, vi.** to roll over; to set the other way up; to change sides; to hand over, pass on; to handle or do business to the amount of; to examine by turning the pages; to ponder; to rob; to start up an engine.ويڙهڻ، وراڻڻ، ٻئي طرف ڦيرائڻ، طرف مٽائڻ، پاسا بدلائڻ، ٻئي جي حوالي ڪرڻ، ڏئي ڇڏڻ، ڪاروبار ڪرڻ، واپار ڪرڻ، (صفحا اٿلائي) چڪاسڻ، سوچڻ، غور ويچار ڪرڻ، ڦرڻ، انجڻ هلائڻ.

turnover tax (ٽرن آوور ٽئڪس) **n.** a tax paid every time goods change hands during manufacture and marketing.وڪري لاءِ تيار ڪيل ۽ وڪرو ڪيل شين جي حساب سان محصول ڪٽ ڪرڻ.

turn-penny (ٽرن پيني) **n.** one who is eager for profit. منافعي لاءِ خواهش، نفعي جي خواهش رکندڙ.

turn pike (ٽرن پائيڪ) **n.** a spiked barrier; a turnstile; a toll-gate or road with a toll-gate; a motorway on which tolls are paid; a spiral stair.روڪ يا جهل جو طريقو، ورايل، وڪڙدار، زنجير يا ٻئي لڳل چنگيءَ جو دروازو، وڏو رستو جيڪو محصول ڏئي استعمال ڪري سگهجي، گول ڦرندڙ ڏاڪڻ، محصول ڦاٽڪ.

turnround or **turn around** (ٽرن رائونڊ يا آرائونڊ) **n.** a truning round; the whole process of a ship, aircraft docking or landing, unloading, taking on cargo, passengers or both, and setting off again; generally, the whole process of dealing with something and passing it onto the next state; a complete reversal of direction.ڦيرو کائڻ، بحري يا هوائي جهاز جي اچڻ ۽ وڃڻ جو مڪمل چڪر ۽ ان سان لاڳاپيل عمل، سامان يا مسافر لاهڻ چاڙهڻ ۽ وري روانو ٿيڻ، موٽي وڃڻ، طرف مٽائڻ، هڪ حالت مان ٻي حالت ۾ وڃڻ، اچڻ وڃڻ، وڃي موٽي اچڻ.

turn-screw (ٽرن اِسڪرو) n. a screwdriver. پيچ دار سيخ کي ڦيرائڻ جو اوزار، اسڪرو ڊرائيور، پيچ ڪش.

turn-skin (ٽرن اسڪن) n. a warwolf. صورت مٽائڻ، جنگي ڪل، جنگجو، پهلوان، جوڌو.

turnsole (ٽرن سَول) n. a plant whose flowers are supposed to face the sun, as heliotrope or the euphorbiaceous; a deep-purple dye obtained from the latter; litmus. سورج مکيءَ جهڙو ٻوٽو، ٻوٽو جنهن جا گل هميشه سِجَ طرف منهن ڪري بيهن. انهن ٻوٽن مان حاصل ڪيل تيز يا ڳوڙهو واڱڻائي رنگ، پويٽ ٻوٽي، ڪدڙ تماڪ (ٻوٽو).

turn spit (ٽرن اسپِٽ) n. one who turns a spit; a long-bodied, short-legged dog employed to drive a wheel by which roasting-spits were turned; a spit; roasting-jack. ڪباب يا گوشت پچائڻ وارو، سيخون اٿلائڻ وارو، ڪتي جو قسم، سيخ، گول ڦرندڙ چڪر يا اوزار.

turn stile (ٽرن اسٽائل) n. a revolving frame that allows one person to pass at a time. گول ڦرڻ وارو دروازو جنهن ۾ هڪ وقت هڪ ماڻهو داخل ٿي سگهي.

turn stone (ٽرن اسٽون) n. a bird a mill, related to the plover and sandpiper, that turns over pebbles on the beach in search of food. چڪي، جند، جاڻ، ڳاڙهو، چهنبو پکي جيڪو پٿرن مان کاڌو چونڊيندو آهي، وريل چهنب ٽيٽو پکي، آبي ٻتير، پٿر اٿلائيندڙ ٽيٽو پکي.

turn table (ٽرن ٽيبل) n. a rotating table, platform, disc or pair of rings, one rotating within another, used for turning a locomotive, carrying a gramophone record, cementing a microscope slide, turning a camera, etc. گردشي جدول، چڪ، رڪارڊ، فوٽي جو گول ڦرندڙ نظام، گول ڦرندڙ ٿالهي، ٽيبل جو گول ڦرندڙ حصو، نظام جنهن تي ريل انجڻ جو منهن ڦيرائي سگهجي، فوٽو، ٽه پيري بيهڪ جنهن تي خوردبيني يا ڪئميرا کي ضرورت واري طرف ڦيرائي سگهجي.

turn to (ٽرن ٽو) vt. to have recourse to; to point to; to result in; to change or be change into; to set to work. مخاطب ٿيڻ، رجوع ڪرڻ، موٽڻ، واپس ٿيڻ، اشارو ڪرڻ، آسرو رکڻ، نتيجو ملڻ، نتيجي طور حاصل ٿيڻ، مٽائڻ، ڦيرائڻ، بدلائڻ، ڪم شروع ڪرڻ، ڪم کي جُنبڻ، رخ بدلائڻ، ڌيان لڳائڻ.

turn-up (ٽرن آپ) n, adj. a disturbance; a thing or part that is turned up, esp the cuff at the bottom of a trouser-leg; an unexpected or fortuitous result or occurrence; a piece of good luck; turned up;. ٿيڻ، پيدا ٿيڻ، ڪولڻ، ولڻ، گوڙ، شور، هل هنگامو، وريل ورايل، پيشو ڪيل، پاجامي جو ورايل پاچو، قسمت جو چڪر، ڀاڳ جو پيڙو.

turn up (ٽرن آپ) to point upwards; to fold upwards; to come or bring to light; to appear by chance; to set face up; to invert; to grub up; to disturb; to strengthen or increase (eg the level of light, radio volume); to refer to, look up; to disgust.. مٿي ڪرڻ، منهن مٿي ڪرڻ، مٿي ورائڻ، سامهون آڻڻ، روشنيءَ آڌو ڪرڻ، اوچتو اچي نڪرڻ، منهن سامهون بيهارڻ، ابتو ڪرڻ، پڪڙي جهلڻ، جهٽڪو ڏئي پڪڙڻ، تنگ ڪرڻ، مضبوط ڪرڻ، قوت وڌائڻ، (ريڊئي جو) آواز وڌائڻ، (روشني) تيز ڪرڻ، ٻئي ڏي موڪلڻ، مٿي نهارڻ، آسمان ڏي نظر ڪرڻ، بيزار ٿيڻ، ڪراهت اچڻ، نفرت ٿيڻ.

turn upon (ٽرن آپان) to cast back upon, retort; to hinge on. مٽائڻ ورائڻ، ورائي چوڻ، جواب ۾ چوڻ، ٽنگڻ، ٽنگي رکڻ.

turpentine (ٽرپينٽائن) n, vt. a viscous resin, orig of the terebinth china, now generally of conifers; popularly, oil of turpentine; a tree that yields turpentine, esp the terebinth; to treat or smear with turpentine. تارپين، تارپين جو تيل ڏيندڙ وڻ، تارپين جو تيل لڳائڻ، تيل جو مک ڏيڻ.

turpentine tree (ٽرپينٽائن ٽري) n. a small Mediterranean tree that yields a turpentine, the terebinth-tree. تارپين جو تيل ڏيندڙ وڻ.

turpeth or turbith (ٽرپيٿ يا ٽربٿ) n. an Oriental plant or its cathertic root. ٽربٿ مشرقي وڻ ۽ ان جي جلاب آور پاڙ، جڙي ٻوٽي، قبض ڪشا ٻوٽي، نج ڪاٽي.

turpeth mineral (ٽرپيٿ منرل) n. basic mercuric sulphate. پاري جو بنيادي ڌاتو يا لوڻ.

turpitude (ٽَر پيٽيوڊ) n. baseness; depravity; vileness.. دشنائي، ڪميڻائي، خباثت، بدذاتي، شرارت، حرام پائي، ڪميڻائپ، نيچ نيت، بڇڙائي، پرشتائي، بگاڙو، نيچپڻ، خواري، اخلاق ڪمزوري يا گناهه، اخلاقي ڏوهه يا گناهه.

turquoise (ٽَر ڪواز) n, adj. a massive opaque sky-blue to pale green mineral or gemstone, a hydrous basic aluminium phosphate, found in Persia; the colour of this stone; of turquoise; of the colour of turquoise. فيروزو، پيلو ساوو پٿر، ٻڙو، پيروزو، ايراني فيروزو پٿر جيڪو زيورن ۾ ٻڙي يا نگ طور استعمال ٿيندو آهي، فيروزي رنگ.

turquoise-blue (ٽَرڪوَاز بلو) n & adj. turquoise. فيروزي پٿر يا نگ، پيلو ساوو رنگ.

turquoise-green (ٽَرڪوَاز گرين) n. pale bluish green. فيروزي ساوو رنگ، (پيلو نيرو) ساوو رنگ.

turret (ٽريٽ) n. a little tower, usu attached to a building, often containing spiral stair; a cylindrical iron structure, often revolving, carrying a gun; part of a lathe that holds the cutting tool.. ٿبي، برجي، منارو، نل.

بُرج، ننڍو قلعو، قلعي جي ديوار ۾ توپ بيهارڻ لاءِ ناهيل خاص جڳهه، ليٿ مشين جو اهو حصو جيڪو تيار ڪرڻ واري پرزي کي جهلي بيٺو هجي.

turret-clock (ٽرِيٽ ڪلاڪ) **n.** a clock for a tower; a large clock with movement quite separate from the dials. گهڙيال وارو منارو، گهنٽا گهر.

turret-gun (ٽرِيٽ گَن) **n.** one for use in a revolving turret. برجيءَ واري توپ، گول ڦرڻ واري توپ.

turret lathe (ٽرِيٽ ليٿ) **n.** a lathe having a number of tools carried on a turret mounted on a saddle which slides on the lathe bed. ليٿ مشين جو حصو جيڪو گول ڦري ٿو، اُن جي بيهڪ.

turret-ship (ٽرِيٽ شِپ) **n.** a warship with gun-turrets. بحري جنگي جهاز، توپن وارو جهاز، توپ بردار جنگي جهاز.

turriculate or turriculated (ٽريڪيوليٽ ٽريڪيو ليٽيڊ) **adj.** turreted; formed in a long spiral. مناريدار، گول بيهڪ ۾ بيهاريل.

Turritella (ٽريٽيلا) **n.** the tower-shell genus of gasteropods. مناري شڪل صدفي مخلوق، مخروطي ڪوڏ.

turtle[1] (ٽرٽل) **n.** a turtledove; a constant or demonstrative lover. ڳيرو، قمري، مستقل مزاج عاشق، مجنون، رانجهو، فرهاد.

turtle[2] (ٽرٽل) **n, vi.** any marine reptile or tortoise; in US, a terrestrial chelonian; sometimes a freshwater chelonian; the edible flesh of a turtle, esp the green turtle; turtle-soup; a species of small pigeon; a drawing device which converts information from a computer into pictures; to hunt or catch turtles. ڪَمي، ڪڇون، سامونڊي وڏا ڪڇون، مٺي پاڻيءَ جي وڏي ڪَمي، ڪَميءَ جو کائڻ وارو گوشت، سائي ڪَمي، سبزپشت، سبز ڪَمي، سنگ پشت، ڪبوتر جو هڪ قسم، ڪبوتر جي جنس جو پکي، ڪَميءَ جي يخني، ڪمپيوٽر جو هڪ پروگرام جيڪو معلومات کي تصويرن رستي ظاهر ڪري، ڪميون پڪڙڻ، ڪَمين يا ڪڇون جو شڪار ڪرڻ.

turtleback (ٽرٽل بَيڪ) **n.** anything arched like a turtle's back, esp a structure over a ship's bows or stern. ڪڇونءَ جي پٺيءَ جهڙي بيهڪ، جهاز جو ڪَميءَ شڪل اڳيون يا پٺيون حصو.

turtledove (ٽرٽل ڊَوَ) **n.** any European turtle or dove of the genus turtur or Streptopelia, a favourite cage-bird, a type of conjugal affection and constancy; the mourning dove. قمري (پکي)، ڳاڙهي ڳيري يا ڳيرو (پکي)، تعلقات ۾ گرم جوشي، هم بستر ٿيڻ جو شوق، مستقل مزاجي.

turtleneck (ٽرٽل نيڪ) **n.** (a garment having) a high close-fitting neckline. تنگ ڳچيءَ واري قميص يا گنجي.

turtle-shell (ٽرٽل شيل) **n.** the shell of the hawk's-bill turtle, commonly called tortoise-shell. سنگ پشت، ڪَميءَ جو خول، ڪڇونءَ جو خول يا ڪوپو.

turtle-stone (ٽرٽل اِسٽون) **n.** a septarium. مرڪب معدني ڌاتو، پٿريلو مادو جنهن ۾ مختلف معدني مادا موجود هُجن.

Tuscan (ٽَسڪَن) **adj, n.** of Tuscany in Central Italy; Doric as modified by the Romans, with unfluted columns and without triglyphs (archit); classical Italian as spoken in Tuscany. ٽسڪني علائقي بابت، اٽان جي عمارت سازي، روم جي زماني جي اڏاوت، اٽليءَ جي ادبي ٻولي، اطالوي ادبي زبان.

tusche (ٽوش) **n.** a substance used in lithography for drawing the design which then does not take up the printing medium. ليٿو گرافيءَ ۾ اهڙي مواد جو استعمال جيڪو ڇاپي ۾ ظاهر نه ٿئي.

tush[1] (ٽش) **n.** a tusk; a small stunted tusk; a horse's canine tooth. سوئر جو وڏو ڏند، وِڃ، ڏڪا، (گهوڙي جا) ليش.

tush[2] (ٽش) **interj.** pshaw; pooh. نفرت جو اظهار ڪرڻ، ٿو، ڇي، آخ.

tush[3] (ٽش) **n.** the bottom, buttocks. پولهه، پِنڊڻ، چِتڙ، وِهڪ جي جاءِ.

tusk (ٽسڪ) **n, vt.** a long protruding tooth; a tush; a sharp projection; to pierce with tusks. سنگهو، ليش، ڏاڙهه، ڏاٿ، ڏند، وِڃ، ڏڪو، وڏو ڏند، ڪترڻ، ڏندن سان چڪڻ.

tuskar, tusker, tushkar or tushker or twiscar (ٽَسڪَر، ٽَشڪَر، ٽوَشڪَر) **n.** a peat-spade. ڪوڏلي، بيلچو، نامياتي مادي کي کوٽڻ واري (ڇهنبياري) ڪوڏر.

tusker (ٽَسڪَر) **n.** a boar, elephant, with tusks. ڏانو هاٿي، وڏن ڏندن وارو هاٿي، ڊگهن ڏندن وارو سوئر، جهنگلي سوئر.

tusking (ٽرسڪنگ) **n.** the stubs of walling stones left projecting from a wall for bonding later with another wall or building. اوساريءَ ۾ آخر ۾ ڇڏيل ردو (جنهن ۾ ٻئي ردي لاءِ جڳهه ڇڏيل هجي)

tusk-shell (ٽسڪ شيل) **n.** the mollusc Dentalium or its shell. صدفي جيو، ڊگهي ڏند شڪل ڪوڏ جي جنس.

tusser, tussore or tasar (ٽَسر) **n.** a fawn-coloured silk from Indian silkworms; its colour; a dress made of it. ريشم جو ڪپڙو، بوسڪيءَ جو ڪپڙو، بوسڪيءَ جو رنگ، بوسڪيءَ جو وڳو يا پوشاڪ.

tussie mussie (ٽسي مُسي) **n.** a small bunch of flowers, a posy. گل دستو، گلن جو مڇو.

tussis (ٽَسِس) **n.** a cough. کنگهه، کنگهڻ، سرفو.

tussle (ٽسل) **n, vi.** a sharp struggle; to struggle. چتا پيٽي، مارا ماري، ڌڪ مٺ، ڌڪا ڌومي، چڪري کائڻ، مارا ماري ڪرڻ، ٿڪڻ، وس هلائڻ، منهن ڏيڻ، ڪش مڪش، متامُونا.

tussock (ٽَسَوڪ) **n.** a tuft; a bunchy clump of grass, rushes; tussock-grass; a tussock-moth.. گاهه جو جهمٽ، گاهه جو ٿپ، چڳو، مڇو، گاهه جي دڙي، ساوڪ، گاهه جو جيت، پتنگ، پروانو.

tussock-grass or **tussac-grass** (ٽَسوڪ گرس) **n.** a large grass of the Falkland Islands, forming great tufts. فاڪ لينڊ جو گاهه جيڪو چڳن يا مڇن جي شڪل ۾ ٿيندو آهي، ڏڪڙ گاهه.

tussock-moth (ٽَسَوڪ ماٿ) **n.** any moth of the family Lymantriidae from the tufts of hair on the caterpillars. پويت، پروانو، گاهه ٿپ پتنگ.

tut[1] (ٽپ) **interj, vi.** an exclamation of rebuke, mild disprobation, impatience; to say `tut'. ٺا، دپ وارو انداز، پسنديدگي ظاهر ڪرڻ، نفرت جو اظهار ڪرڻ، بي صبريءَ جو اظهار ڪرڻ جيئن هون ! ماٺ!، چپ!، بس بس ! وغيره.

tut[2] (ٽٽ) **n, vi.** work paid by measurement or piece; to do such work. پول تي ڪم، ماپ مطابق حساب ڪتاب، ٺڪ جي حساب سان مزدوري.

tutania (ٽيوٽينيا) **n.** a kind of Britannia metal. ٽين مختلف ڌاتن کي ملائي ٺاهيل هڪ خاص ڌاتو.

tutelage (ٽيوٽيليج) **n.** guardianship; state of being under a guardian; tuition.. نگهباني، سنڀال، محافظت، حفاظت، ولايت، سنڀال هيٺ هئڻ، حفاظت هيٺ تربيت، خانگي تعليم ۽ تربيت.

tutelar or **tutelary** (ٽيوٽلر) **adj, n.** protecting; having the charge of a person or place; a guardian spirit, god or saint. محافظ، سرپرست، سنڀاليندڙ، نگهبان، نگهبان فرشتو، ديوتا يا ولي.

tutor (ٽيوٽر) **n, vt.** a private instructor or coach; a person who helps a boy or girl with lessons; a college officer who has supervision of an undergraduate; a college teacher who instructs by conference with a small group of students; an instruction book; a guardian; a guardian of the person and estate of a boy under fourteen, or girl under twelve; to act as tutor to; to instruct; to coach; to control; to discipline.. استاد، معلم، اتاليق، نگران، سرپرست، سيکاريندڙ، تربيت ڏيندڙ، خانگي پاڙهڻ وارو، خانگي استاد، ولي، سنڀاليندڙ، سيکارڻ، پاڙهڻ، وس رکڻ، قابوءَ ۾ آڻڻ، ڪيڙڻ، نابالغ ٻار جو سنڀاليندڙ، استاد طور ڪم ڪرڻ، تربيت ڏيڻ، نظر داري ڪرڻ، سڌارڻ.

tutorage (ٽيوٽَريج) **n.** tutorship; tutoring; charge for tutoring; tutelage.. استادي، سرپرستي، سنڀال، حوالگي، حفاظت، نگراني، سنڀال هيٺ، حوالي ڪيل، سنڀال ۾ ڏنل.

tutoress or **tutress** (ٽيوٽريس) **n.** a female tutor. عورت سرپرست يا سنڀاليندڙ، نگهباني ڪندڙ عورت، عورت استاد.

tutorial (ٽيوٽوريَل) **adj, n.** of a tutor; a study meeting between one or more students and a college tutor. استاد جو، اتاليق جو، مختلف شاگردن ۽ استاد درميان تعليم حاصل ڪرڻ يا تربيت ڏيڻ جو خاص طريقو.

tutsan (ٽيَوٽسن) **n.** parkleaves, a species of St John's wort once regarded as a panacea.. شفا بوٽي، جڙي بوٽي، طبي بوٽو.

Tutsi (ٽيوٽسي) **n.** a member of a Bantu people inhabiting parts of Rwanda (Bantu). توتسي قبيلي جا ماڻهو ۽ انهن جي ٻولي، هڪ شيدي قوم، زنگي، بربري.

tutti-frutti (ٽوٽي فروٽي) **n.** a confection, esp ice-cream, flavoured with different kinds of fruit. مختلف ذائقا مليل مٺائي، ڪٽملو، آئس ڪريم وغيره.

tutty (ٽَٽي) **n.** crude zinc oxide. ڪچو جست، جست جو ڪچ ڌات، ڪچو جست، توتيو.

tutu (ٽٽو) **n.** a ballerina's short, stiff, spreading skirt (Fr). ناچڻيءَ جو پڙو.

tuxedo (ٽڪسيڊو) **n.** a dinner-jacket. رات جي مانيءَ وقت پائڻ وارو لنڊو ڪوٽ.

tuzz (ٽز) **n.** a tuft. مُڇو، چڳو، طرو، ڪلنگي، پٽ.

twaddle (ٽئيڊل) **n, vi.** senseless or tedious uninteresting talk; a talker of twaddle; to talk twaddle. بڪڻ، ٻيبڙ، رڙڻ، وڦلڻ، بڪ بڪ ڪرڻ، اجايو سجايو ڳالهائڻ، ٻڙ ٻڙ ڪرڻ بيهودو ڳالهائڻ، بڪواس ڪرڻ.

twain (ٽئين) **adj, n.** two; a couple, pair; asunder.. ٻه، جوڙو، جوڙي، ٻه ميلاپي.

twaite (ٽئيٽ) **n.** one of the British species of shad. برطانيه جي پلي جي جنس جي مڇي.

twang[1] (ٽئينگ) **n.** a sharp flavour; an aftertaste; a smack suggestion.. تيز سواد، تيز سواد جو وات ۾ رهندڙ اثر، بدبودار صلاح، ڪني صلاح.

twang[2] (ٽئينگ) **n, vt.** the sound of a plucked string; a nasal tone; a twinge; a local intonation; to sound with a twang. گهڻو ڳالهائڻ، ٽڻڪار، چٽاڪ ڪرڻ، ٺڪ سان.

ڳالهائڻ، ڳهٽائي، ڳهڻو آواز، چٽ، ٽڪار، ٽڪ ٽڪ.

twanky (ٽينڪي) **n.** a kind of green tea; gin..سبز چانهه، ساٽي چانهه، جن شراب.

twat (ٽيٽ) **n.** a part of a nun's dress; a coarse general term of reproach. جهٽڪي ، ڏوراپو، مهڻو، طعنو، ويڻ.

twattle (ٽيٽل) **n, vt, vi.** chatter; babble; twaddle; to babble. چر چر ڪرڻ، آهستي آهستي ڳالهائڻ، پشڪڻ، (پکيءَ جو) بولڻ، بڙ بڙ ڪرڻ، نه سمجهه ۾ ايندڙ ڳالهه.

tway-blade (ٽي بليڊ) **n.** an orchid with small green flowers and one pair of leaves; also an American orchid. گل وارو بوٽو.

tweak (ٽيڪ) **vt, n.** to twitch, to pull; to pull or twist with sudden jerks; to fine-tune a mechanism; to rewrite or alter (editorial or author's copy); a sharp pinch or twitch; a fine-tuning adjustment; a slight modification designed to improve anything; rewriting or alteration of copy; agitation, perplexity. چهنڊڙي پائڻ، مروٽو ڏيڻ، چيٽي پرڻ، مروڙ، مروڙ ڏيڻ، چمٽيءَ سان پٽڻ، نچڪڻو وجهي ڇڪڻ، (موسيقيءَ جي آوزار کي) چڱيءَ طرح تيار ڪرڻ، (اصل لکت کي متاثي) نئين سر لکڻ، سهڻي بيهڪ، ڪنهن شيءِ کي بهتر ڪرڻ لاءِ ڪيل ڦير ڦار، لکيل مواد ۾ تبديلي، مٽ سٽ، نئين سرين لکڻ، پريشاني، مونجهارو، ڀڏتر.

twee (ٽي) **adj.** small and sweet; sentimentally pretty. ننڍو ۽ مٺو، وڻندڙ، پاڳيندڙ، مزيدار، سوادي، سهڻو، خوبصورت..

tweed (ٽيڊ) **n.** a rough woollen cloth much used for men's suits; clothes of tweed. اوني ڪپڙي جو قسم، سُوٽن لاءِ سٺو اوني ڪپڙو.

tweedle (ٽيڊل) **vi, vt.** to play casually on an instrument, strum, tootle; (of a bird) to pipe or whistle; to swindle, con; to pipe into acquiescence; to wheedle. ساز کي بنا تياريءَ جي وڄائڻ، سرندو سيرڻ (پکيءَ جو) بولڻ، سيٽي وڄائڻ، پنهنجو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ، ڀهلائڻ، برغلائڻ، چيڙائڻ، ريجهائڻ، ريبڻ، آهستگيءَ سان جهلڻ.

tweedledee (ٽيڊل ڊي) **n.** to tweedle.. برغلائڻ، ڦسلائڻ، چترائڻ، ريجهائڻ، ريبڻ، ٽاترائڻ.

Tweedledee and Tweedledum (ٽيڊل ڊي، ٽيڊل ڊم) **n.** two almost indistinguishable characters or things (orig the proverbial names of two rival musicians). ٻه بلڪل مختلف ۽ پنهنجي قسم جون شيون يا ڪردار.

tweedler (ٽوئيڊلر) **n.** a con man; a stolen vehicle sold as though legitimate. ٺگ، دوکي باز، چوريءَ جي گاڏيءَ کي اصلي يا حقيقي مالڪ جي ڪري وڪڻڻ.

tweedy (ٽيڊي) **adj.** of or resembling tweed; of a predominantly upper-class, hearty, outdoor type. سوٽن جي ڪپڙي جهڙو اوني ڪپڙو، وڏ گهرانو، ٻاهر پائڻ جهڙو ڪپڙو.

tweet or **tweet-tweet.** (ٽيٽ، ٽيٽ، ٽيٽ) **n.** the note of a small bird; to chirp as a small bird does. پکيءَ جو آواز، پکيءَ جو وڏي آواز ۾ بولڻ.

tweeter (ٽوئيٽر) **n.** a loudspeaker used in high-fidelity sound reproduction for the higher frequencies. وڏو آواز ڏيندڙ لاوڊ اسپيڪر، گهڻي قوت وارو لائوڊ اسپيڪر.

tweeze (ٽيز) **vt.** to grasp or pluck with or as if with tweezers. نچڪڻي سان پڪڙڻ يا پٽڻ.

tweezers (ٽيزر) **n.** small pincers for pulling out hairs etc. نچڪڻو، چمٽو، آلات جراح، جراحي چمٽو.

twelfth (ٽيلفٿ) **adj, n.** last of twelve; immediately following eleventh in order, position; equal to one of twelve equal parts; a twelfth part; a person or thing in twelfth position.. ٻارهون نمبر، ٻارهن سان آخري، ٻارهين ڪان پوءِ، ٻارهون حصو، ٻارهون نمبر ايندڙ ماڻهو يا شيءِ.

twelfth-cake (ٽيلفٿ ڪيڪ) **n.** an ornamental cake traditionally eaten on Twelfth-night. ٻارهينءَ جي رات تي کاڌو ويندڙ سينگاريل ڪيڪ.

twelfth man (ٽيلفٿ مئن) **n.** (cricket) a player selected beyond the necessary eleven to play if required as a substitute. (ڪرڪيٽ راند ۾) اهو رانديگر جيڪو ڪنهن رانديگر جي مجبوريءَ سبب آن جي جاءِ وٺي سگهي.

twelfth-night (ٽيلفٿ نائيٽ) **n.** the eve of Twelfth-day, 5 January; also the evening of Twelfth-day, 6th January. ٻارهين رات، ۵ ۽ ٦ جنوريءَ جا ڏينهن، ۲۵ ڊسمبر کان پوءِ ٻارهين رات (۵ يا ٦ جنوري).

twelve (ٽيلو) **n, adj.** the cardinal number next above eleven; a symbol representing the number; a set of that number of things or persons; an article of a size denoted by 12; a score of twelve points; the hour of midday or midnight; age of twelve years; duodecimo; consisting of twelve.. ٻارهن، ٻارهن جو وقت، يارهن کان پوءِ جو انگ، ٻارهن جو نشان، ٻارهن شين جو سيٽ، هڪ ڊزن، ٻارهون نمبر شيءِ، ٻارهن جو اسڪور، ٻارهن سالن جي عمر.

twelvefold (ٽيلو فولڊ) **adj, adv.** twelve times as much or as many; consisting of twelve parts. ٻارهون، ٻارهن حصن ۾ ورهايل.

twelve-month (ٽيلو منٿ) **n.** a year; of the number twelve; twelve years old.. ٻارهن مهينا، سال ، ٻارهن سالو، ٻارهن جو انگ.

twenties (ٽئنٽيز) **n.pl.** the numbers twenty to twenty-nine; the years so numbered in life or any century; a range of temperatures from twenty to just less

than thirty degrees.ويهن ۾، ويهن کان اٺٽيهن جي وچ وارو
الڳ، ويهن جي پيٽي ۾، ويهن کان ٽيهن درميان گرمي پد.

twentieth (ٽئنٽيٿ) **adj, n.** next after the nineteenth; last of twenty; equal to one of twenty equal parts; a twentieth part; a person or thing in twentieth position.ويهون نمبر، ويهون الڳ، ويهن جو هڪ برابر حصو، ويهون حصو، ويهون نمبر شي يا ماڻهو.

twenty (ٽئنٽي) **adj, n.** twice ten; nineteen and one; an indefinite number of; the number immediately above nineteen; a score; a symbol representing that number; the age of twenty years; a set of twenty things or persons; a score of twenty points.ويهه، اڻويهه ۽ هڪ، ويهن، ويهارو، ويهن جو الڳ، اڻ ڳاڻايل الڳ، ڪاٻه اڻويهن کان مٿي شيء، ويهن جو اسڪور، ويهن جو سيٽ، ويهه مارڪون.

twentyfold (ٽئنٽي) **n, adj, adv.** twenty times as many or much. ويهوڻون.

twentyish (ٽئنٽيش) **adj.** about twenty.تقريباً ويهه، اندازاً ويهه.

twentyfive (ٽئنٽي فائيو) **n.** a line on a hockey pitch twenty-five yards from the goal-line.پنجويهه، هاڪيء جي گول کان پنجويهه وال اندرين ليڪ.

twenty-four (ٽئنٽي فور) **n.** a sheet folded into twenty-four leaves (forty-eight pages); a form arranged for printing it.چوويهه، دستو، ٻه وزن، چوويهه پنا، چوويهن حصن ۾ ڇپائي.

twenty-twenty (or 20/20) (ٽونٽي ٽونٽي) **n.** (of human vision) normal, sharp, clear.ويهه ويهه، (نظر) عام، بنا ڪهٽ وڌائيء جي.

twenty-two (ٽئنٽي ٽو) **n.** a line on a rugby pitch twenty-two metres from the goal-line.ٻاويهه، رگبي (فٽ بال) مئچ جي ميدان جي ٻاويهه ميٽر اندر واري ليڪ.

twerp (ٽورپ) **n.** a silly and/or contemptible person. بيوقوف، ڪنو، قابل نفرت.

twi- or twy- (ٽئي) **pfx.** two, double. ٻه، ٻيڻو،ٻٽو.

Twi (ٽئي) **n.** a dialect, and also a literary language, of Ghana. ٻولي، زبان، گهانا ملڪ جي ادبي ٻولي.

twibill (ٽئي بل) **n.** a double-headed axe.ٻه ڪوڏر، ٻاموڙي، ٻه منهين ڪهاڙي.

twice (ٽائيس) **adv.** two times; doubly; for a second time..ٻيڻو، ٻٽو، ٻمهر، ٻه دفعا، ٻه ڀيرا، ٻه گهمرا، ٻيو دفعو، ڏٻر، ڏٻار، ڏواڪٽ، ٻه مرتبا، دوبارهه.

twice-born (ٽائيس بارن) **adj.** born twice, as Bacchus; of high Hindu caste; regenerate..ٻه دفعا ڄاول، گهٽ ذات، ڪمذات.

twice-laid (ٽائيس ليڊ) **n.** made of old yarns twisted together again.پراڻي ڌاڳي مان ٺاهيل، پراڻي ڌاڳي کي وري وٽي ڪم آڻڻ.

twicer (ٽائيسر) **n.** a person who is both compositor and pressman; someone who habitually goes to church twice on Sunday.ڪمپازيٽر ۽ ڇاپيندڙ، آچر ڏينهن ٻه دفعا چرچ ويندڙ.

twice-told (ٽائيس ٽولڊ) **n.** counted twice; told twice; hackneyed..ٻه دفعا ڳڻيل، ٻه دفعا ٻڌايل، ڪمايل، عام، پراڻو، ٿڪايل، ٻاڙي جو (گهوڙو).

twichild (ٽئي چائلڊ) **n.** one in his or her second child. ٻيو دفعو ٻيٽ سان، ٻئي ٻيٽ واري، ٻئي ٻار وارو يا واري.

twiddle (ٽئڊل) **vt, vi, n.** to twirl idly; to finger idly, play with; to rotate; to twirl; to trifle with something; a twirl; a curly mark, ornament.آڱرين ڦيرائڻ، هٿ ٺوڪڻ، اجايو وقت وڃائڻ، راند روند ڪرڻ، اجاين شين ۾ وقت وڃائڻ، ويڙهڻ، گهنٽيء يا گهنڊليء جو نشان، ويڙهه جهڙو ڳهڻو، چلو منڊي.

twiddling-line (ٽئڊلنگ لائين) **n.** a line for steadying the steering-wheel; a string for setting the compass-card to play freely.بحري جهاز يا ٻيڙيء جي رسي جنهن سان ان کي صحيح رخ تي رکيو وڃي.

twi-fold or twy-fold (ٽئي فولڊ) twofold.ٻيڻو، ٻيڻو ڪيل، ٻه ته، ٻه پڙ.

twig[1] (ٽئگ) **n, adj, vt.** a small thin shoot or branch; a divining rod; made of twigs; to birch, swith..ڇهو، ٿلهـڙ، ٽاري، ڇاڙهه، ڏاري، لار، شاخ، سنهڙي شاخ، ڇهي، پڙهه، ڇمڪ، چاٻڪ، ٻلار.

ultramicro-chemistry (الٽرا مائڪرو ڪيمسٽري) **n.** chemistry dealing with minute quantities, sometimes no greater than one-millionth of a gram. تمام ننڍن جزن واري ڪيميا. ڪيميائي عمل جيڪو تمام سنهين معمولي شين بابت هجي.

ultramicroscope (الٽرا مائڪرو اسڪوپ) **n.** an optical microscope with strong illumination from the side, whereby the presence of ultramicroscopic objects can be observed through the scattering of light from them. تمام ننڍين شين کي ڏسڻ ۾ چمڪاس لاءِ خاص خوردبين.

ultramicroscopic (الٽرا مائڪرو اسڪوپڪ) **adj.** too small to be seen by an ordinary optical microscope; pertaining to ultramicroscopy. عام خوردبين سان به نظر نه ايندڙ (جيو)، ٻنهي ننڍڙا نظر نه ايندڙ (جيوڙا). تمام تيز خوردبين متعلق.

ultramicrotome (الٽرا مائڪرو ٽوم) **n.** a microtome for cutting ultra-thin sections for examination with the electron microscope. ننڍا ننڍا ٽڪر ڪندڙ تيز چاقو، جهڙو اوزار. تمام سنهو ۽ تيز ڪٽپ.

ultra-modern (الٽرا ماڊرن) **adj, n.** ultra-modernism; extreme in royalism, fashion, or religious or political opinion; an extremist or modernist. موجوده دور جي طور طريقن کان به اڳتي وڌيل. انتهائي لواڻ يا ازحد ترقي يافته جيئن طور دريقن، ريتن رسمن، ڪپڙي لتي ۾ اڳ ويهڻ ۾، انتهائي جديد خيالن. هلت چلت يا اهڙي هلت چلت يا خيال رکندڙ ماڻهو.

ultramontane (الٽرا مونٽين) **adj, n.** beyond the mountains (esp the Alps); of or pertaining to a faction within the Roman Catholic Church which is extreme in favouring the Pope's supremacy; a person who lives beyond the mountains, esp south of the Alps; a member of the ultramontane faction within the Church. الپس جبل جي ٻئي پار جا رهاڪو جيڪي ديول ۾ ڪليسا جي حڪمرانيءَ جا پوئلڳ آهن. هڪ ڪيٿولڪ عيسائي فرقو جيڪو مذهب بابت وڌيڪ پرجوش ۽ جذباتي آهي.

ultramundane (الٽرا منڊين) **adj.** lying beyond the world, or beyond the limits of our solar system. غير دنياوي. هن دنيا جي نظام کان ٻاهريون. روحاني. غير جسماني. پرلوڪ جو. نظام شمسيءَ کان مٿاهون. پلي پار جو. موجوده زندگيءَ کان دور. دنيا. عالم ياڪونين کان پري.

ultra national or **ultranationalist** (الٽرا نيشنل آر نيشنلسٽ) **adj.** most extreme in national thinking or treatment. انتهائي درجي جو قومي. انتهائي قومپرست. شديد قومپرست.

ultra-rapid (الٽرا رئپڊ) **adj.** of a motion-picture film, exposed at great speed. عام فلمن کان وڌيڪ تيز هلندڙ فلم. تمام تيز وهڪرو. زياده تيز پريل وڌيڪ تکو پريل نظارو.

ultrared (الٽرا ريڊ) **adj.** infra-red. مقناطيسي شعاع. زير شعاع. نه نظر ايندڙ شعاع (جن رستي اونده ۾ به تصوير ڪشي ڪري سگهجي).

ultrasensual (الٽرا سينشوئل) **adj.** beyond the reach of the senses. سمجهه کان ٻاهر. انساني حواسن جي قوت کان ٻاهر.

ultrashort (الٽرا شارٽ) **adj.** (of electromagnetic waves) of less than ten meters' wavelength. ڏهن ميٽرن کان گهٽ ڊيگهه واريون مقناطيسي لهرون. هلڪيون ريڊيائي لهرون.

ultrasonic (الٽرا سانڪ) **adj.** pertaining to, or of an instrument or process using, ultrasound, sound waves of too high a frequency to be audible to the human ear. سانڪ. پيدي. پڙلاءَ يا تيز آواز ڪٽي ايندڙ لهرون يا لهرن متعلق يا اُن سان واسطيدار. لهرن کي لوڙي ايندڙ آواز. آواز جون اهڙيون تمام گهڻو تيز لهرون جيڪي ٻڌي نه سگهجن.

ultrasonography (الٽرسونو گرافي) **n.** the directing of ultrasonic waves through body tissues to detect abnormalities, eg in a foetus. تيز رفتار لهرن کي جسم اندر داخل ڪري اندروني بيمارين يا خامين بابت معلومات وٺڻ.

ultrasonics (الٽرا سونڪ سانڪس) **n.sing.** the study of such vibrations; used medically for diagnostic and

therapeutic purposes.آوازي لهرن يا صوتي اثرن جو امڙو طريقو جنهن سان بيمارين كي پركي يا سڃاڻي سگهجي ۽ جنهن سان ترايي ۽ (علاج) جو عمل كري سگهجي.

ultrasonic communication (الٽرا سونڪ ڪميونيڪيشن) **n.** underwater communication using ultrasonic waves. پاڻيءَ اندر آواز كي لهرن رستي استعمال كرڻ.

ultrasound (الٽرا سائونڊ) **n.** sound having an ultrasonic frequency; ultrasonic waves. آواز جون لهرون يا لوڏا جيكي مختلف بيمارين جي سڃاڻپ يا تشخيص ۾ مددگار يا طبي جاچ لاءِ كارائتيون سمجهيون وڃن ٿيون.

ultrastructure (الٽرا اسٽرڪچر) **n.** fine structure of protoplasm at a lower level than can be examined microscopically. تمام ننڍڙن جيون جو خاندان، نسل يا ٽبر جيكو ايترو ته ننڍو آهي جو انهن كي عام خوردبين سان به نه ڏسي سگهبو آهي.

ultra-tropical (الٽرا ٽراپيڪل) **adj.** beyond the tropics; hotter than tropics.سخت گرم ۽ خشڪ علائقن كان مٿاهان علائقا.

ultraviolet (الٽرا وايوليٽ) **adj.** beyond the violet end of the visible spectrum; pertaining to, or using, radiations of wavelengths less than those of visible light. ظاهري نظر كان پرانهون علائقو. نه نظر ايندڙ روشني جيكا تمام دور تائين شين كي واضح ۽ چٽو كري ڏيكاري. نظر اندڙ رنگن جي بنفشي چيزي كان پري يا ٻاهر (جهڙيون شعائون).

ultraviolet spectroscopy (الٽرا وايوليٽ اسپيڪٽرو اسڪوپي) **n.** the study of material by its absorption of ultraviolet radiation. شين يا مادن جو تيز ۽ نظر نه ايندڙ روشنيءَ رستي اڀياس كرڻ.

ultraviolet star (الٽرا وايو ليٽ اسٽار) **n.** one of a class of invisible starts giving out intense ultraviolet radiation.اهي نظر نه ايندڙ تارا، جيكي پري كان تيز روشني ڌرتيءَ طرف موكلين ٿا.

ultra vires (الٽرا وائرس) **adj.** beyond one's legal powers or authority.غير قانوني. غير آئيني. اختياريءَ يا وس كان ٻاهر. حد كان ٻاهر. پنهنجي وس كان ٻاهر.

ultra-virtuous (الٽرا ورچوئس) **adj.** prudish..هٺيلو. مغرور. كهٽي هٺ ۽ وڏائيءَ وارو. حياءَ وارو.

ultroneous (الٽرا نيوئس) **adj.** spontaneous, voluntary. خود. پاڻ مرادو. پاڻهي. پنهنجي مرضي سان.

ululate (اولو ليٽ) **vi.** to howl, hoot or screech..كوكارڻ. ٻاكارڻ. ٻڙكڻ. دانهن كوك كرڻ. رڙيون واكا كرڻ. واويلا كرڻ. كڏ وانگر اوناڻ. كتي وانگر ڀؤنكڻ.

ululation (اولو ليشن) **n.** howling, wailing..كوكون كرڻ. اوناڻ. رڙيون واكا كرڻ. روئڻ پٽڻ. پار كڍڻ. ڀؤنكڻ.

ulva (الوا) **n.** a kind of edible seaweed (L).ساموندي خوراكي ٻوٽو. ساموندي كاچرو گاهه.

um (اوم) **interj.** used by speakers when momentarily hesitating or in doubt.اوهو! ڳالهائڻ ۾ منجهڻ وقت كيل آواز. ام.

umbel (امبيل) **n.** a flat-topped inflorescence in which the flower stalks all spring from about the same point in an axis (which in a compound umbel is grouped in the same way with other axis). چٽ. ڦلهار. چٽ وارا گل. گل ڇڳو. (كوتيمر وغيره جا گل) تراكڙي چوٽيءَ واري ڦلهار.

umbellate or **umbellated** (امبي ليٽ يا ليٽيڊ) **adj.** constituting an umbel; bearing or having umbels..چٽ دار. ڇڳي دار. چٽي نما.

umbellifer (امبليفر) **n.** umbelliferous plant; any plant of the family, the carrot and hemlock family of plants with umbels and divided leaves.چٽ. چٽائتو. كندڙ. چٽ گل ٻوٽو. ٻوٽو جنهن جا پن ۽ گل چٽائينءَ صورت ۾ هجن.

umbelliferae (امبليفري) **n.pl.** the carrot and hemlock family of plants with compound umbels, schizocarpic fruit, leaves with sheathing bases.چٽ هشڻ وارن ٻوٽن جي جنس. ڇڳن وارن پنن وارا ٻوٽا. پٽائي گجر. ڦاٽن جا يا اكهڙا ٻيا ٻوٽا.

umbellule (امبيلول) **n.** a partial umbel.ننڍي چٽي. نيم چٽي دار. اڌو گابري چٽي. اڌو گابرا يا هلكا ڇڳا.

umber[1] (امبر) **n.** a soft olive-brown earthy mineral (hydrated oxides of iron and manganese) used as a pigment; to colour with umber; brown like umber.امبر. معدني رنگ وارو مادو. امبر وارو رنگ كرڻ. امبر جهڙو ڀورو يا ناسي.

umber[2] (امبر) **n.** the grayling..سامن جنس جي سرمائي مڇي. مڇيءَ جو هڪ قسم.

Burnt **umber** (برنٽ امبر) **n.** umber heated to give a dark reddish-brown colour.امبر جيكو (گرم كرڻ كانپوءِ) ڳاڙهي ناسي رنگ جو ٿي وڃي.

Raw **umber** (را امبر) **n.** untreated umber, a yellowish-brown colour.صاف يا خالص امبر رنگ. پيلو رنگ. پيلو ناسي رنگ. كارو ڀورو رنگ.

umber-bird (امبر برڊ) **n.** the umbrette, hammer cap bird. كارو ڀورو پكي. مالتولسري ٻگهه پكي. متركي صورت مٿي وارو ٻگهه پكي.

umbilical (امبليكل) **adj.** pertaining to the navel; relating to the umbilicus or the umbilical cord..دن بابت. ناف بابت. ڌن جو. اور يا چر سان واسطو ركندڙ.

umbilical cord (امبليڪل ڪارڊ) **n.** a long flexible tube connecting the foetus to the placenta, the navel-string; an electrical cable or other servicing line attached to a rocket vehicle or spacecraft during preparations for launch; the lifeline outside a vehicle in space by which astronauts receive air and communicate with the vehicle; any similar connection of fundamental importance. ناڙو، دنائون ناڙو، ڏن جي ڏوري، اور يا چر. ناڙي صورت يا پوري پائيپ رستي بيهاريل نظام جيڪو راڪيٽ کي جوڙڻ لاءِ لڳايو وڃي، خلا ۾ خلا واسين لاءِ ڪيل نظام جنهن ۾ هو خلائي جهاز سان جڙيل هوندا آهن. ناڙي يا اور جهڙي نظام وسيلي کاڌ خوراڪ يا ساهه جي نظام کي چالو يا هلندڙ رکڻ.

umblicate (امبليڪليٽ) **adj.** navel-like; having a depression like a navel. ڏن نما، ناف دار، دن جهڙو ڪـلو يا کهب.

umbilicus (امبليڪس) **n.** the navel; a depression at the axial base of a spiral shell; a small depression. دن ناف، ناف تخر، ناف سرو، دن صورت کهب يا اونهائي (جيان جي خول وغيره ۾).

umbles (امبلز) **n.pl.** the humbles or entrails (liver, heart) of a deer. هرڻ جو دن، جتان ڪيس مشڪ جي خوشبو ايندي آهي، هرڻ جا اندريان عضوا (جيرو، ڦڦڙ، دل وغيره).

umbo (امبو) **n,** the boss of a shield; a knob; the protuberant oldest part of a bivalve shell; a knob on a toadstool cap; a projection on the inner surface of the eardrum where the malleus is attached. ڳنبذ ڦل، هٿيو، ڳنبذ، ڳوڙهي، ڪن جو اندريون ابريل حصو، ڪنيءَ جو مٿيون حصو، ڪپ جو باهر نڪتل يا ابريل حصو.

umbonate (امبونيٽ) **adj.** having a central boss. ڳنبذ بردار، وچ باهر تي نڪتل، وچ ابريل ڳنبذ وارو، مرڪز ابريل بيهڪ.

umbra (امبرا) **n.** a total shadow; the darker part of the shadow or dark inner cone projected in an eclipse; the darker part of a sunspot; a shade or ghost; an uninvited guest who comes with an invited one. چتي سايو، چانو، گرهڻ مهل چنڊ يا سج جو اهو حصو جيڪو گرهڻ جي هيٺان هوندو آهي، ڌرتيءَ جو پورن پاڇو، سج جي داغيل نڪرن جو ڪهاڙو حصو، پرتو، پاڇو يا ڀوت، غير روشن حصو، پاڇو، اڻ سڏيل مهمان جيڪو سڏيل سان گڏ اچي، طفيلي.

umbraculate (امبريڪيوليٽ) **adj.** overshadowed by an umbraculum. چڇرو، چتيءَ جهڙي اڏاوت سان ڍڪيل.

umbraculiform (امبريڪيوليفارم) **adj.** umbrella-shaped. چتيءَ نما، چتيءَ جهڙو.

umbraculum (امبريڪيولم) **n.** an umbrella-shaped structure. چت، چتي، چت نما اڏاوت.

umbrage (امبرج) **n, vt.** shade; obscurity; jealously; resentment; offence, esp in the phrases give and take umbrage; suspicion of injury; shade, shadow, or something which casts a shadow; a shelter; a shadowy appearance; a pretext; an inkling; to shade; to offend. ڌنڌ، سايو، پاڇو، عڪس، چانو، رنج، ساڙ، خار، چڙون، ڪروڌ، ناراضگي، بيزاري، ڪاوڙ، ڏوهه، گناهه، ڏهو، ڏک لڳڻ جو خطرو، بکيڙو، برهمي، رنجش، شڪ يا شبهو، پاڇو وجهندڙ، چانو ڪندڙ، اجهو، ڍڪ، پنـاهه، پوندڙ، پاڇي وانگر نظر ايندڙ، بهانو عذر، جهڪاءُ، چڙ ڏيارڻ، نقصان پهچائڻ، ناراض ڪرڻ.

umbrageous (امبريجيئس) **adj.** shady or forming a shade. چانو ڪندڙ، پاڇي وارو، پاڇو، ڌنڌلو.

umbral (امبرال) **adj.** of an umbra. پاڇي، چانو، چتيءَ جو.

umbrated (امبريٽيڊ) **adj.** faintly traced. ڌنڌلو نظر ايندڙ، تمام هلڪو عڪس.

umbratic, umbratical, umbratile or **umbratilous** (امبريٽڪ، امبريٽيڪل، امبرٽائل، امبري ٽيلس) **adj.** shadowy; shaded; shade-giving; indoor; secluded. پاڇي وارو، ڌنڌلو، پاڇو وجهندڙ، لڪل، اندروني، چت هيٺ، گوشائتو، پردي نشين، خلوت ۾.

umbrella[1] (امبريلا) **n.** a dome-shaped portable canopy of light fabric mounted on a stick, carried or set up as a protection against rain or sun, that can be collapsed and furled when not in use; anything of similar form, eg a jellyfish disc; a protection; چتيءَ شڪل تهه يا باهرين بناوت، بچاءُ، بچاءَ جو نظام، برساتي چتي، ڌوپ چتي، چبر، اجهو، بچاءُ، جيلي مڇيءَ جي بناوت.

umbrella[2] (امبريلا) **adj.** broadly embracing or including a number or a variety of things. گهڻين شين تي مدار رکندڙ ڍڪ نما، چتيءَ شڪل نـاهيل چاپرو، وڻ وغيره، ڍڪ طور استعمال ٿيندڙ شيون.

umbrella-ant (امبريلا انٽ) **n.** the sauba ant; leaf cutting ant. ماڪوڙيءَ جو قسم، چتيءَ نما ماڪوڙي، ولنجا پن ڪاٽيندڙ ماڪوڙي.

umbrella-bird (امبريلا برڊ) **n.** any of a number of S. American birds of the Cotinga genus with umbrella-like crest and a lappet attached to the throat or breast. ڏکڻ آمريڪا جو چت وارو پکي، ڪلنگيءَ وارا پکي، ڏکڻ آمريڪا جو چت وارو پکي.

umbrella-fir (امبريلا فر) **n.** a Japanese conifer with radiating tufts of needles. جپاني وڻ جو قسم، چتيءَ نما جپاني ديار يا ديال، جنهن کي ڪندن وانگر ٻج آهي.

umbrella group, organization (امبريلا گروپ يا آر گنائيزيشن) **n.** a group of representatives of small parties, clubs, which acts for all of them where

they have common interests.تنديں پارٽين يا ادارن جو گڏيل ٽولو جيڪو پنهنجي حفاظت لاءِ گڏجي ڪم ڪري. مختلف سياسي يا نظرياتي جماعتن جو جٿو (جيڪو ضرورت وقت پنهنجي مفاد لاءِ تحرڪ ۾ اچي).

umbrella plant (امبريلا پلانٽ) **n.** an African sedge with umbrella-like clusters of slender leaves, a common houseplant.چٽيءَ صورت پن وارو ٻوٽو. عام گهريلو ويڪرن پن وارو ٻوٽو.

umbrella-stand (امبريلا اسٽينڊ) **n.** a stand, rack or receptacle for closed umbrellas and walking-sticks. چٽيون ۽ لڪڻ رکڻ واري اسٽينڊ يا دوڪان تي ويڙهيل چٽيون ۽ لڪڻ رکڻ جو ڪٻاٽ (ڪٻٽ)

umbrella-tree (امبريلا ٽري) **n.** any of various small trees or shrubs whose leaves or branches grow in an umbrella-like formation, esp a small N American magnolia. اتر آمريڪي چمپا ٻوٽو. چٽيءَ نما ٻوٽو. چٽائون صنوبر جو ٻوٽو.

umbrette (امبريٽ) **n.** the hammerhead, or hammer cap, a brown African bird related to the storks, remarkable for its huge nest; umber bird.آفريڪا جو ناسي ٻگهه پکي (جيڪو تمام وڏو آکيرو ٺاهيندو آهي). مارتولسري ٻگهه پکي. مترڪي صورت مٽي وارو ٻگهه پکي.

Umbrian (امبرين) **adj. n.** of Umbria, in central Italy; a native of Umbria; an Indo-European language related to Oscan. (اٽلي ۾) امبريا جو رهاڪو. امبريا جي ٻولي.

umbriere (امبريئر) **n.** a visor..سانگ. برقعو. حجاب. نقاب. نقاب يا چاريءَ وارو خول. چادري.

umbri ferons (امبريفيرس) **adj.** shade giving.ڇانو ڪندڙ. چٽيءَ جهڙو. ڇانو وارو. ڇانو ڏيندڙ.

umbrose (امبروز) **adj.** shade-giving; dusky..ڇانو دار. ڌنڌلو. ڪارسرو. ڇانو ڏيندڙ. ڪاري رنگ جو.

umbrous (امبروس) **adj.** shaded..پردي ۾. ڇانو ۾. ڇانو ۾. ڍڪيل.

umiak, oomiak, oomiac or oomiack (اوميئڪ) **n.** an open boat, made of wood and stretched skins, usu crewed by women.ننڍي ٻوٽڻي (جيڪا گهڻو ڪري عورتون استعمال ڪن). کليل ٻيڙي. ڪاٺيءَ ۽ کل جي ٺهيل ٻيڙي.

umlaut (املاٽ) **n, vt.** a vowel change in Germanic language, brought about by a vowel or semi vowel in the following syllable; the diacritical sign (¨), dots placed over a vowel, indicating such a modification; to modify a vowel with an umlaut.جرمني ٻوليءَ ۾ اچار جي تبديليءَ لاءِ استعمال ٿيندڙ حرف علت يا اڌ حرف. علت متان ايندڙ نشاني. اچار کي مٽي ڪشڻ يا "آ" جو اچار ڪڍڻ لاءِ اکر کي متان ٻه نقطا ڏيڻ.

umpire (امپائر) **n.** a third person called in to decide a dispute or a deadlock; a judge, arbiter, or referee; an arbitrator; an impartial person chosen to supervise the game, enforce the rules, and decide disputes.فيصلو ڏيندڙ. امين. پنچ. ٽياڪڙ. ثالث. وچ وارو. امپائر. اهو شخص جيڪو ٻن يا ڪيترن ثالثن ۾ راءِ جو اختلاف هجي. ته هن کي مقرر ڪيو ويندو آهي ۽ هيءُ ثالثن جي ڪنهن فيصلي تي متفق نه ٿي سگهڻ جي حالت ۾ فيصلو ڪري ٿو.

umpteen or umpty (امپٽين. امپٽي) **adj.** indefinitely many; a lot; an indefinitely large number..لا تعداد. وڏو انگ. تمام گهڻو. بيشمار. اڻڳڻيو. ڳاڻاٽي کان ٻاهر انگ يا عدد.

upmteenth or umptieth (امپٽينٿ) **adj.** latest or last of many..ڪيترن ئي دفعن کان پوءِ. گهڻي وقت کانپوءِ. تازو. هالوڪو. آخري. آخر وارو. ڪيترائي دفعا. بارہا.

un (ان) **pfx** (1) meaning `not' (in many cases, the resultant word is more than a mere negation and has a positive force, as in unkind, which usu means `cruel' rather than just `not kind'; (2) indicating a reversal of process, removal or deprivation; (3) merely emphasizing reversal or deprivation already expressed by the simple word, as in unbare or unloose; sometimes added to a present participate with a passive meaning.ناڪاري اڳياڙي طور استعمال ٿيندڙ پد جيئن غير. نه. مر. لا. ا. بن وغيره. ڪن حالتن ۾ لفظ جي مفهوم کي زور وٺائي ٿو.

unabashed (ان ابيشڊ) **adj.** not abashed..بيشرم. بي حجاب. نرلجو. بي حياءُ.

unabated (ان ابيٽيڊ) **adj.** not made less in degree.ساڳي زورسان. بنا گهٽتائيءَ يا بنا ڪميءَ جي. پوري قوت سان. ساڳي قوت وارو. زوردار.

unable (ان ايبل) **adj.** not able; not having sufficient ability, strength, power or skill (to do); weak, incompetent; ineffectual.ان ناقابل. لاچار. ڪمزور. هيڻو. ڇالو. بي اثر. اجايو. بي تاثير. عاجز. اسمرٿ. ضعيف. نه ڪري سگهڻ واري حالت. معذور. بي پهچو. قاصر.

unabridged (ان ابرجيڊ) **adj.** complete; not abridged..مڪمل. پورو. سچو. بلا اختصار. بنا ڪاٽ ڪوٽ جي. مختصر نه ڪيل. جيئن جو تيئن.

unabsorbed (ان ابسارٻڊ) **adj.** not absorbed.جيڪو نه ڪري. جذب نه ٿيڻ جهڙو. اڻ ملندڙ. اڻ ڇهيل. نه ڇهڻ جوڳو.

unacademic (ان اڪيڊمڪ) **adj.** not academic; (esp not scholarly or theoretical); (of a person) not suited to academic study..گهٽ پڙهيل. گهٽ ڄاڻ وارو. غير علمي. غير نصابي. غير تدريسي. پڙهڻ جي لائق نه هجڻ. تعليم نه ڏيڻ

لائق، غير علمي.

unaccented (ان اڪسينٽيڊ) **adj.** an exclamation of repugnance; used as a representation of a cough or grunt."هلڪي آواز وارو، جيئن خواب، خواهش التباه ۾ "و" ۽ "هم
تي اچار وقت زور نٿو اچي، اعرابن. زير، زبر، پيش کانسواءِ حرف، اکر.

unacceptable (ان ايڪسيپٽبل) **adj.** not acceptable or pleasing. منظور نه ڪرڻ جهڙو، ناقابل قبول، اڻ وڻندڙ، ناپسنديده، نامقبول، ناگوار، ناقابل قبول، ناپسند.

unaccommodated (ان اڪوموڊيٽيڊ) **adj.** unprovided. سهولتن کانسواءِ، بنا ساز سامان جي، نظر انداز ٿيل، ڌڪاريل.

unaccommodating (ان اڪوموڊيٽنگ) **adj.** not ready to oblige; not compliant. رکو، بي مروت، بي لحاظ، غير ملائم، ڪند ذهن، ڪند دل ودماغ، امڙ، اڻ مڙندڙ.

unaccompanied (ان اڪمپنيڊ) **adj.** not accompanied, escorted or attended; having no instrumental accompaniment (music). بي ساٿيءَ کان سواءِ، بنا واهر جي، بي مددگار، بي يار، ڇورو ڇنو، لاوارث، اڪيلو، ڇڙو، (بنا سازن جي) راڳ، بنا سازن جي ڳائڻ، ترنم سان يا بنا سازن جي ڳائڻ.

unaccomplished (ان اڪمپلشڊ) **adj.** not achieved; not having accomplishments. اڌورو، اڌ ڪيدو، نامڪمل، ڳابرو، اڻ پورو، ناڪام، نالائق، ڪچو، سيکڙات.

unaccomplishment (ان اڪمپلشمينٽ) **n.** the fact of not being achieved (ڪم) لا حاصل، ناقابل حصول، نه ملڻ جوڳو، نه ڪرڻ جهڙو.

unaccountable (ان اڪائونٽبل) **adj.** difficult or impossible to explain; not responsible; not answerable (to a higher authority); (of a person puzzling in character. ناقابل وضاحت، ناقابل مواخذه، منجهيل بيان، مشڪل، پريشانيءَ جوڳو، مونجهو، سمجهه ۾ نه ايندڙ، جوابدار نه هجڻ، منجهائيندڙ، عجيب، نه سمجهڻ جو، پريشان ڪندڙ، نه سمجهائڻ جهڙو.

unaccounted for (ان اڪائونٽيڊ فار) **n.** unexplained; not included in an account. حساب ۾ نه ڄاتايل، نه سمجهايل، بنا سمجهائيءَ جي، اڻ سلجهايل.

unaccustomed (ان اڪسٽمڊ) **adj.** not accustomed; not customary; not used to. غير عادي، لول اڻ هريل، عجيب، نرالو، غير واقف، غير رواجي، غير معمولي، غير يا نامانوس.

unacknowledged (ان اڪنالجڊ) not acknowledged, recognized, confessed or noticed. اڻ ڄاتل، اڻ ڏٺل، سڃاتل، غير معلوم، اڻ ٻڌايل، اڻ ٻاسيل، اڻ مڃيل، بنا رسيد جي.

unacquaintance (ان اڪئنٽنس) **adj.** lack of acquaintance with. لٺون، اڻ واقف، غير واقفڪار، اڻ سولهون.

unacquainted (ان اڪئينٽيڊ) **adj.** not acquainted; not on terms of acquaintance with; ignorant of; uninformed; unknown; unusual. اڻ سولهون، نا محرم، اڻ واقف، اڻ ڄاتل، اڻ ڄاڻ، بي خبر، غير معمولي.

unactable (ان ايڪٽيبل) **adj.** unfit for the stage. اسٽيج لاءِ غير موزون، نه ادا ڪرڻ جهڙو جملو، سين يا منظر.

unacted (ان ايڪٽيڊ) **adj.** not performed. عمل ۾ نه آندل، عمل نه ٿيل، اڳ ۾ پيش نه ٿيل، ڏٺون (ڊرامو)، اڻ ڏيکاريل، نه پيش ڪيل.

unactive (ان ايڪٽو) **adj.** inactive. بي اثر، غير متحرڪ، سست، بيڪار، ڍرو، بي تاثير.

unadapted (ان ايڊاپٽيڊ) **adj.** not adapted. غير موافق، غير موزون، ناموزون، نامنظور.

unaddressed (ان اڊريسڊ) **adj.** (esp of a letter) without address. بغير اڊريس جي، بنا سرنامي جي، بنا پتي جي (خط)، بنا عنوان جي، بي عنوان.

unadopted (ان اڊاپٽيڊ) **adj.** not adopted; (of a road) not taken over for maintenance by a local authority. اهڙو روڊ رستو، جيڪو نهي تيار ٿيو هجي ۽ واسطيدار اختياري جي حوالي نه ڪيو ويو هجي، مثلاً ميونسپالٽي، صوبائي اداري يا حڪومت وغيره ڪي، اڻ يا غير استعمال ٿيل.

unadorned (ان اڊورنڊ) **adj.** not adorned; plain. سادو، پسو، اڻ سينگاريل، سڪتو، پٽي (عورت)، سادي سودي.

unadulterate or **unadulterated** (ان اڊل ٽريٽ، ٽريٽيڊ) **adj.** unmixed, pure or genuine; sheer, absolute. صاف، اصلي، بغير ملاوٽ، نجو، خالص، نبار چوکو، نرو، نج، رڳو، بلڪل، ري شرط.

unadventurous (ان اڊوينچرس) **adj.** not adventurous. بنا جانبازيءَ جي، بنا جوکي وارو، غير جو کائتو، آسان، سولو.

unadvertised (ان اڊورٽائزڊ) **adj.** not advertised غير اشتهاري، بنا مشهوريءَ جي، بنا منادي يا پڙهي جي.

unadvisable (ان ايڊ وائزبل) **adj.** inadvisable; not expedient; not prudent; not prepared to accept advice. نامناسب، غير واجب، صلاح نه ڏيڻ جهڙو، نه ڪرڻ جهڙو، مصلحت خلاف، دورانديشيءَ خلاف.

unadvised (ان اڊوائيزڊ) **adj.** not advised; rash; without advice; not prudent or discreet; ill-judged; inadvertent. نامناسب، غير دانشمندانه، ري صلاحو، ناداني‌ءَ جو، بنا صلاح مشوري جي، نه ڪرڻ جهڙو، نامناسب، غير مناسب.

unaesthetic (ان ائيس ٿيٽڪ) **adj.** not aesthetically pleasing; lacking the principles of good taste. بنا سونهن جي، بي سرو، بي ڍنگو، بأڍنگو، ڪلچڻو، ي سوادو، بي مزي، بي لذت.

unaffected (ان افيڪٽيڊ) **adj.** not affected or influenced; untouched by emotion; without affection; not assumed; natural; plain; real; sincere. بي اثر، غير متاثر، سياويڪ، اصلي، چٽو، سچو، صاف دل، قدرتي، حقيقي.

unaffectionate (ان افيڪشنيٽ) **adj.** lacking or not showing affection. غير عامل، بي اثر، چسو، ڪورو، پيار محبت جي جذبي کانسواءِ.

unaffiliated (ان افيليئيٽيڊ) **adj.** not affiliated. نہ گڏيل، نہ لڳايل، اڻ لاڳاپيل، بي تعلق، اڻ واسطيدار.

unaffordable (ان افورڊبل) **adj.** not affordable. نہ پهچڻ جو، نہ ڏئي سگهڻ جهڙو، مهانگو، برداشت کان ٻاهر، پهچ کان ٻاهر، بي پهچو، غير سمرٿي، نہ ڏئي سگهڻ جوڳو.

unafraid (ان افريڊ) **adj.** not afraid. بي ڊپو، اڻ ڊپو، نڊر، بهادر، ڪنهن نہ ڪائيندڙ.

unagreeable (ان اگريئبل) **adj.** disagreeable to; inconsistent with; discordant. اڻ وڻندڙ، ناساز، بي تال، اڻ ميل، سخت بي سرو، نا موافق، مخالف، ناقابل قبول، لهڪي نہ ايندڙ.

unalienable (ان ايلينبل) **adj.** in-alienable. نہ ڪٽيل، پٽ، ڌار ڪرڻ جهڙو، نہ ڇني ڇڏڻ جوڳو، ليڪال ڪان ٻن، ناقابل قبول، قبول نہ ٿيڻ جوڳو.

unaligned (ان الائينڊ) **adj.** in-aligned; not aligned with. نہ گڏيل، اڻ جڙيل، اڻ مليل، غير واسطيدار، لا تعلق.

unalike (ان الائيڪ) **adj.** not alike; different. ٻيو، هڪجهڙو نہ، ساڳي طرح جو نہ، مختلف، جدا، علحدو، نيارو.

unalive (ان الائيو) **adj.** not fully aware of; lacking in vitality. پوري خبر نہ رکندڙ، بي هوش، اڻ ڄاڻ، بي سمجهہ، ٽوٽي، ٽڏو، ڪمزور، ڍرو.

unallayed (ان اليڊ) **adj.** unmixed, unqualified; not diminished, unquenched. جدا، اڻ مليل، نالائق، ناقابل، اڻ اجهايل، اڻ گهٽايل.

unalleviated (ان اليويٽيڊ) **adj.** not alleviated; relentless. گهٽ نہ ڪرڻ، بي ترس، ڪٺور، دک درد پوريل / ورتل، تخفيف نہ ڪيل.

unallied (ان الائيڊ) **adj.** not related; without allies. اڻ لاڳاپيل، لاتعلق، غير واسطيدار، ڌاريو، غير مائٽ، بنا ساٿ جي، جدا، غير جنس.

unalloyed (ان الائڊ) **adj.** not alloyed or mixed, perfect; pure. ڦيٽ نہ کاڌل، صاف، کرو، نبار، ري ملاوٽ، خالص، لچ.

unalterable (ان آلٽربل) **adj.** not alterable; not changeable. تبديل نہ ٿيڻ جوڳو، امٽ، اڻ مٽ، نہ بدلائڻ جهڙو، اڻ ڦير.

unaltered (ان آلٽرڊ) **adj.** not altered; remaining the same. نہ تبديل نہ ٿيل، ساڳيو، بنا مٽ سٽ جي، ساڳي صورت ۾، نہ متايل، نہ بدلايل.

unamazed (ان اميزڊ) **adj.** not amazed. حيرت ۾ نہ پوندڙ يا حيران نہ ٿيندڙ، غير بناوٽي، پريشان نہ ٿيندڙ.

unambiguous (ان ايمبي گوئس) **adj.** not ambiguous; clear or definite in meaning. واضح، چٽو، ظاهر، پڌرو، صاف صاف، اڻ منڌل.

unambitious (ان ايمبيشس) **adj.** not ambitious; without ambition. اڻ سڌائتو، بنا خواهش يا لالچ جي، بنا شوق جي.

unambivalent (ان ايمبي ويلنٽ) **adj.** (of feelings) not ambivalent; straightforward. سڌو سنئون، صاف طبيعت وارو، سچار، ايماندار، صاف دل، نيڪ.

unamiable (ان اميئبل) **adj.** not amiable. نامهربان، ڇڄارو، رکو، کليچڙو.

unamplified (ان ايمپليفائڊ) **adj.** not amplified. نہ وڌايل، ساڳيو (آواز).

unamused (ان اميوزڊ) **adj.** not amused. نہ وندرائيندڙ، نہ خوش ٿيندڙ، منهن سڄيل.

unanalysable (اينالائزبل) **adj.** not able to be analysed. اهڙو مواد جنهن جو اندازو يا جائزو پيش نہ ڪري سگهجي، ڇيد نہ ڪرڻ جهڙو، حل نہ ڪرڻ جوڳو.

unanalysed (ان اينالائزڊ) **adj.** not analysed. اڻ ڇيد ڪيل، اصل صورت ۾، بغير جائزي يا تبصري جي.

unaneled (ان اينئلڊ) **adj.** not having received extreme unction. اڻ مکيل، اليو، بنا سٿي جي، معمولي سٿيو، گهٽ تيل لڳل.

unanchor (ان آنڪر) **vt. vi.** to loose from anchorage; to become loose or unattached; to weight anchor. لنگر مان ڇوڙيل، لنگر ڪڍڻ، لنگر کولڻ، بندر تان روانگي ڪرڻ.

unanimated (ان انيميٽيڊ) **adj.** not alive; not animated or lively; not actuated by. غير جاندار، بنا چر پر جي، پڳهہ چوڙڻ، مٺل، بيٺل، غير چالو، بنا ساهہ جي.

unanimous (يو نانيمس) **adj.** all in agreement; (of an opinion, vote) held or given by general consent. اتفاق راءِ سان، هڪ صلاح، يڪراءِ، سمت، گڏيل، متفق راءِ، يڪ زبان، متفق.

unannealed (ان آينيئلڊ) **adj.** not annealed. اڻ ٽڏو، ناريل، تپايل.

unanswerable (ان انسربل) **adj.** impossible to answer; to not be refused; irrefutable; conclusive. جواب نہ ڏيڻ جهڙو، غير جوابده، لاجواب، بي جواب، منهن توڙ، قطعي، ناقابل ترديد.

unanswered (ان اينسرڊ) **adj.** not answered; unrequited. ناقابل شنيد، جواب نہ ڏيڻ لائق، لاجواب، جواب طلب، نہ پڌڻ جوڳو.

unanticipated (ان اينٽيسيپيٽڊ) **adj.** not anticipated بي توقع، بنا اندازي جي، اميد جي خلاف، بنا اميد جي، اڻ پاليل.

unapologetic (ان اپلاجيٽڪ) not apologetic or sorry. ناقابل افسوس، بي شرم، غلطي نہ مڃيندڙ، نہ شرمندو ٿيندڙ.

unapparent (ان اپيرنٽ) **adj.** not apparent. غير واضح، مبهم، لڪيل، ڇپيل.

unappealable (ان اپيلبل) **adj.** not allowing or being capable of an appeal to a higher court; conclusive, final. ناقابل شنيد، نه پڌڻ جوڳو، قطعي، آخري فيصلو، مڪمل فيصلو، ناقابل اپيل.

unappeasable (ان اپيزبل) **adj.** not appeasable or pacified. ناراض، سخت مزاج، ڏکيو، تند خو.

unappeased (ان اپيزڊ) **adj.** not appeased. ناخوش، ناراض، بي شڪر، بي صبر.

unappetizing (ان اپيٽائيزنگ) **adj.** not appetizing. بک نه لائيندڙ، اشتها نه وڌائيندڙ، جلد هضم نه ٿيندڙ، زود هضم، غير هضم.

unapplausive (ان اپلاسو) **adj.** not applauding. خوش نه ٿيندڙ، نا مهربان، بي قدر، شوم.

unapplied (ان اپلائيڊ) **adj.** not applied. عرض نه ڪيل، نه چيل، نه گهريل.

unappointed (ان اپائنٽيڊ) **adj.** not appointed; not equipped. مقرر نه ٿيل، مهيا نه ڪيل، ڪوٽ وارو، بنا سازو سامان جي.

unappreciated (ان اپريشئيٽيڊ) **adj.** not duly appreciated or valued. اڻ ساراهيل، نه ميڃيل، قدر نه سڃاتل، قدر نه ڪيل، بي قدرائي.

unappreciative (ان اپريشيئيٽو) **adj.** not appreciative. قدر نه ڪندڙ، بي قدر، نا مهربان، شوم، شاباس نه ڏيندڙ، همٿائڻ ۾ ڪنجوسي ڪرڻ.

unapprehended (ان اپريهينڊيڊ) **adj.** not perceived by the intellect; not arrested. ناقابل فهم، سمجهه کان ٻاهر، دسترس کان ٻاهر، قيد بند کان ٻاهر، آزاد.

unapprehensive (اپريهينسو) **adj.** without fear; without understanding. بي انديش، بي ڊپو، بي سمجهه، ابهر، بي حوصلو.

unapprised (ان اپرائيزڊ) **adj.** not informed. بي خبر، اڻ سڌيو، اڻ ڄاڻ.

unapproachable (ان اپروچبل) **adj.** out of reach, inaccessible; stand-offish; inaccessible to advances or intimacy; beyond rivalry. دسترس، وس کان ٻاهر، پهچ کان ٻاهر، ڏکيو، ڏورانهون، پرانهون، دشمنيءَ کان دور.

unappropriate (ان اپرو پرئيٽ) **adj.** not appropriate; inappropriate. غير اڻ پورو، غير مناسب، اڻ مناسب، غير معقول، غير واجب، گهٽ.

unappropriated (ان اپروپرئيٽيڊ) **adj.** not taken possession of; not applied to specific purpose; not granted to any person, corporation etc. پورو نه ٿيل، اڻ واريل، ڪم لڳايل، نه بخش ڪيل، غير مخصوص، ڪنهن جي حوالي نه ٿيل، ڪنهن ٻه ڪم ۾ نه آندل.

unapt (ان آپٽ) **adj.** unfitted; dull; unsuitable; not readily inclined or accustomed to; lacking in aptitude, slow. اڻ تيار، اجوڳ، اڻ لائق، غير مناسب، غير موزون، اڻ ڄاڻ، اڻ نهڪندڙ، سست، ڍلو، ڪمزور، موڳو.

unarguable (ان آرگيوبل) **adj.** that cannot be argued; irrefutable. بحث نه ڪرڻ جهڙو، ناقابل ترديد، رد نه ڏيڻ جهڙو، رد نه ڪرڻ جهڙو، بنا ڪنهن تڪرار جي، انڪار نه ڪرڻ جهڙو.

unargued (ان آرگيوڊ) undisputed; not debated. بحث غير تڪراري، اڻ ڏريو، بي بحث، ناقابل اعتراض، اعتراض نه وارڻ جهڙو.

unarm (ان آرم) **vt, vi.** to help someone to take off armour; to strip oneself of armour; to deprive of arms, to disarm; to make harmless; to take off one's armour. بنا هٿيار، هٿيار لاهڻ (۾ مدد ڪرڻ)، هٿيار لهرائڻ، هٿيار ڦرڻ، هٿيار لاهي رکڻ، غير نقصانڪار بنائڻ، هٿيارن کان محروم ڪرڻ، هٿيار ڦٽا ڪرائڻ.

unarmed (ان آرمڊ) **adj.** without weapons; not equipped; defenceless; unprotected; unaided or without accessory apparatus; without arms or similar limbs or appendages. بنا هٿيار، غير مسلح، هٿيارن پنهوارن کانسواءِ، بچاءَ لاءِ ضروري سامان کان سواءِ، اپاهج، هٿون، هٿين ٺلهو، بنا ساز سامان جي، غير محفوظ، بي سهارو، لولو لنگڙو، معذور.

unarmoured (ان آرمرڊ) **adj.** without armour or armour-plating. بنا زرهه جي، بنا حفاظت جي، بنا پناهه جي، بي ستو، بي ڍالو.

unarresting (ان اريسٽنگ) **adj.** uninteresting; dull. بيڪار، بي مزي، موڳو، اباڻڪو، سست، ڍرو، ڪند، مُنڊل، ڪورو.

unartful (ان آرٽ فل) **adj.** artless, genuine; inartistic; unskilful. موڳو، بي ڪسب، بي هنر، اصل، نج، شڌ، کرو، ڇٽ، بي هنر، بي هنرائتو.

unarticulate (ان آرٽيڪيوليٽ) **adj.** not articulate. (اچار) صاف طريقي سان نه اچارڻ.

unarticulated ((ان آرٽيڪيوليٽيڊ) **adj.** not jointed; not in distinct syllables. اڻ نهڪندڙ اکر، بي جوڙ تلفظ (ڪنهن ٻوليءَ جي صوتياتي سرشتي ۾ آسانيءَ سان نه اچاري سگهڻ جهڙا اچار يا صوت، جيئن سنڌي ٻوليءَ ۾ ارتعاش، ارمغاض اچارڻ ۾ ڏکيا آهن).

unartistic (ان آرٽسٽڪ) **adj.** not coming within the sphere of art; not concerned with art; inartistic. فنون لطيفه جي دائري کان هٽيل يا ٻاهر، غير مهذب، بي ڍنگ، بي رنگ، بي ڍؤل.

unascertainable (ان ايسرٽين ابل) **adj.** not able to be

پڪ نہ ڪرڻ جهڙو، تحقيقات نہ ڪرڻ جهڙو. ascertained. سمجهي يا حاصل نہ ڪرڻ جهڙو، معلوم نہ ڪري سگهڻ جهڙو.

unascertained (ان ايسرٽينڊ) **adj.** not ascertained; unknown. بلا تحقيق، نامعلوم، اڻ ڄاتل، اڻ واقف.

unashamed (ان اشيمڊ) **adj.** feeling no guilt, shameless; blatant; bold. بي شرم، بي لڄو، بي ديدو، بي نڪو، اڪاسو، بي ڌڙڪ، بي حجاب، همٿ پريو، بهادر، بي پرواھ، بيباڪ.

unasked (ان آسڪڊ) **adj.** not asked; unsolicited; not asked for; uninvited. اڻ پڇيو، اڻ چيو، ري پڇيو، اڻ گهريو، بي دعوتيو، اڻ صلاحيو، اڻ دعوتيو، اڻ ڪوٺيو، طفيلي.

unasked for (ان اسڪڊ فار) **adj.** (esp of advice) not sought or requested. بي گهري صلاح، بنا چوڻ جي مشورو، ڏيڻ، بي پڇي صلاح، مفت مشورو.

unaspiring (ان اسپارنگ) **adj.** not ambitious. بي غرض، بي حرص، بنا ڪنهن هوس يا حرص جي، بنا ڪنهن وڏي خيال جي، بنا لالچ جي.

unassailable (ان اسلئبل) **adj.** not assailable; unable to be attacked or questioned; impregnable جنهن تي حملو نہ ڪري سگهجي، ناقابل دخل، ناقابل تسخير، لاجواب، طاقتور، مضبوط.

unassayed (ان اسيڊ) **adj.** not attempted, untested, ڪوشش نہ ڪرڻ، بغير تحقيق، اڻ پرکيو، بنا ڪوشش جي، غير آزمايل، نا آمودو.

unassertive (ان اسرٽو) **adj.** (of a person) not assertive or forthcoming, reticent, پڪ سان نہ چوڻ وارو، ڳجهڙو، خاموش، مائو، ڏيرج وان، ماٺ ۾، چپ ۾، ماٺ، صبر، خاموشي.

unassignable (ان اسائنبل) **adj.** not assignable, نہ سونپڻ جوڳو، حوالي نہ ڪرڻ جهڙو.

unassigned (ان اسائنڊ) **adj.** not assigned, ڪنهن جي ٻہ حوالي نہ ٿيل، لاوارث، نہ ڏنل، نہ مليل.

unassimilated (ان اسيميليٽيڊ) **adj.** not assimilated, هضم نہ ڪرڻ جهڙو، نہ سلاڻڻ جهڙو، نہ مليل، جُدا، الڳ، نج، خالص، ملاوٽ کان پاڪ.

unassisted (ان اسسٽيڊ) **adj.** not assisted, بي مدد، بنا مدد جي، بنا سنڀال يا آسري جي.

unassuaged (ان ايسوسئيٽيڊ) **adj.** not associated. نہ لاڳاپيل، لا تعلق، بنا تعلق، اڻ لاڳاپيل.

unassuaged (انايسوجيڊ) **adj.** not assuaged. ري دلاسي، ري آسري، رَي مدي، بنا آٿت.

unassuming (ان ازيومنگ) **adj.** not assuming; retiring; modest; making no assumption; unpretentious. نہ سمجهندڙ، اختيار نہ ڪندڙ، غريب، مرچات وارو، لڄارو، حياء وارو، واجبي سمجهدار، ڀالو ڀولو، سادو سودو، بنا ناھ نوھ جي.

unassured (ان اشوئرڊ) **adj.** uncertain; not confident; doubtfully recognized; insecure; lacking in self-assurance, diffident; not insured against loss. پڪ نہ ڏياريندڙ، ڪچو اڻ پڪو، شڪي، نقصان خلاف بنا ويمي، بي آسري، ڪمزور، بي همت، شڪي لڄارو، وهمي، سنڪوچي، اڻ سوکهو، نہ سلامت، جوکائتو، ڪچو، بي يقيني، منجهيل، غير محفوظ، بي سهاري، دل شڪستو.

unatonable (ان اٽنبل) **adj.** that cannot be atoned for; irreconcilable. حيرت ۾ نہ وجهندڙ، اڻ ٺهڪندڙ، نہ ملندڙ، پيچي، نہ ايندڙ، نہ سرچڻ يا نهڻ جهڙو، نہ سڌرڻ جوڳو، نا قابل معافي، جنهن جو ڪفارو نہ ٿي سگهي، جنهن جو قصاص نہ ٿي سگهي.

unattached (ان اٽيچڊ) **adj.** not attached; detached; not arrested; not belonging to a club, party, college, diocese, department, regiment; not married; having no romantic and/or sexual attachment to a particular person. الڳ ٿلڳ، مجذوب، اڻ لاڳاپيل، غير شادي شده، لا تعلق، بنا جنسي تعلق جي، بنا شوق جي، ڇڙو، ڪنوارو، مجرد، تارڪ الدنيا، آزاد منش.

unattackable (ان اٽيڪبل) **adj.** unable to be attacked or damaged. حملي کان ٻاهر، ڏکيو، مشڪل، ناقابل شڪست، ناقابل نقصان، ناقابل تسخير.

unattainable (ان اٽينبل) **adj.** not attainable. نہ ملڻ جوڳو، اکر، اڻ پهچ، نہ حاصل ڪرڻ جوڳو، ڌرگ، آپراپيھ.

unattempted (ان اٽيمپٽيڊ) **adj.** not attempted; not made the subject of an attempt or attack. ڪوشش نہ ڪيل، حملي کان پري، حملي جي زد ۾ نہ آيل، چڙهائي نہ ڪيل.

unattended (ان اٽينڊيڊ) **adj.** having no attendents; not accompanied or attended; not listened to or paid attention; not attended to. غير حاضر، بي ڌيانو، لاوارث، جريدو، بي مدد بي ڌيان.

unattentive (ان اٽينٽو) **adj.** inattentive. ڌيان نہ ڏيندڙ، بي خيالو، غافل، ڳهيلو، بي ڌيان.

unattractive (ان اٽريڪٽو) **adj.** not attractive سادو، اڻ موهيندڙ، بي ڊولو، ڪوجهو.

unattributable (ان اٽريبيوٽبل) **adj.** (esp of information) that cannot or may not be attributed to a source etc غير لاڳاپيل، خبر يا معلومات جنهن جي ڏيڻ يا پڌائڻ واري جي ڪل نہ هجي، اڻ واسطيدارطرفان ڏنل ڄاڻ، افواھ.

unattributed (ان اٽريبيوٽيڊ) **adj.** (of a painting, quotation) not attributed to a source etc. غير منسوب، نالي نہ ڪيل، گمنام، بي نام چولي يا مصوري (جنهن جي چوڻ واري يا ناهڻ واري جي خبر نہ هجي).

unau (ان آ) **n.** the two-toed sloth (Fr). يونا يا گاهہ کائيندڙ جانور، سلاٿ جانور، ڏکڻ آمريڪا جي ايمزان جهنگلن جو چنبن وارو سلاٿ جانور جيڪو وڻن تي رهندو آهي ۽ گهڻو ڪري لڙڪيل نظر ايندو آهي، هي رڇ ۽ ٻولڙي جي گڏيل شڪل وارو جانور آهي.

unaudited (ان آڊيٽيڊ) **adj.** (of accounts) not audited اڻ

چڪاسيل، اڻ پرکيل، اڻ پيتيل. (حساب ڪتاب) اڻ سنياليل.

unaugmented (اَن اگمينٽيڊ) **adj.** not augmented; without the augment. واڌ ڪانسواءِ، وڌائڻ جهڙو نہ، اڻ واڌل، زور نہ وڌايل.

unauspicious (اَن آسپيشس) **adj.** inauspicious. نڀاڳو، ڳهاٽي، آشُبُ، بد سڳڻ، بد سوڻ، ڏڏورو، چندو، منحوس، اپاڳو.

unauthentic (اَن اٿينٽڪ) **adj.** not authentic بي اعتبار، غير معياري، ناقابل ڀروسي، غير تصديقي شده، بي ساکو.

unauthenticated (اَن اٿينٽيڪيٽيڊ) **adj.** not authenticated تحقيقات نہ ڪيل، غير اعتباري، بنا تصديق، بنا تحقيق، بي ساکو.

unauthorized (اَن آٿورائيزڊ) **adj.** not authorized; not warranted. اختياري نہ مليل، غير مجاز، بنا اختيار، نا منظور ڪيل، غير قانوني.

unavailable (اَن اويلبل) **adj.** not available; of no avail; vain, useless. موجود نہ هجڻ، نا دستياب، غير موجود، غير ميسر، سڃو، ڪنهن نہ ڪم جو.

unavailing (اَن اويلنگ) **adj.** of no avail or effect, ineffectual; useless. ناڪارو، بيڪار، ڪنهن ڪم جو نہ، فضول، اجايو، رائگان، ناحق، بي فائدو، نڪمو.

una voce (اَن آووس) **adj.** with one voice, by general consent. هڪ آواز، يڪ (آواز، منظوري) بنا اعتراض جي منظور، يڪ آواز هاڪار.

unavoidable (اَن اوائڊبل) **adj.** not to be avoided; inevitable; not voidable. لا علاج، ضروري، قطعي، لاچار، اٽل، اڻ ٽر، اوس ٿيڻو، ناقابل رد.

unavoided (اَن اوائڊيڊ) **adj.** not avoided; unavoidable; inevitable. نہ ٽارڻ جوڳو، اڻ ٽر، ضروري، لازمي، اوس ٿيڻو.

unavowed (اَن اوائوڊ) **adj.** not avowed اقرار نہ ڪيل، نہ مڃيل، اڻ باسيل، اڻ مڃيل، غير اقراري.

unawakened (اَن آوڪيند) **adj.** not yet aware; dormant; not awake. اڻ جاڳايل، بي خبر، بي جاڻ، اڻ جاڻ، غير سجاڳ، ڪڄهو، سٽل، ڪامر، ننڊ ۾.

unaware (اَن اويئر) **adj.** not aware; unconscious; unwary; unawares. بي خبر، بي هوش، لاتعلق، بي فڪر.

unawares (اَن اويئرس) **adj.** without being, or making, aware; without being perceived; unexpectedly; inadvertently; unconsciously. بي هوش، اڻ سُرتيو، بي خبر، اچانڪ، از غيبي، اچاچيت، اوچتو، آيل مصيبت، امنچ، سنڌر، نقصان ڪهالو، اتفاقي، اتفاقاً، چُڪ ڪان، غلطيءَ ڪان، سهواً، ويسر ۾، ڀولي ۾، بنا سوچ ويچار جي، بي خياليءَ ۾، بي ڌيانيءَ ۾.

unawed (اَن آوڊ) **adj.** not inspired with awe; not awestruck. اڻ ڊڄندڙ، بنا ڊپ، نڊر، اڻ هيسيل، بي خوف، بي باڪ، غير ڌمڪاري، بي ڊپو.

unbacked (اَن بڪڊ) **adj.** not supported; (of a horse) having no backers; (of a chair, picture) having no back or backing. بنا مدد يا پٺ جي، بنا پٺيءَ جي، بنا هٿي جي، بنا سنجت، بنا ٽيڪ، بي مدد، بنا سهاري، بي آسري.

unbag (اَن بيگ) **vt.** to let out of a bag. ٿيلهي مان ڪڍڻ، ظاهر ڪرڻ، ڪڍي ڏيکارڻ، عام ڪرڻ، نماءُ ڪرڻ.

unbaked (اَن بيڪڊ) **adj.** not baked; immature. ڪچو، اڻ پڪل، آروٺ، نا رسيدو، خام، نابالغ.

unbalance (اَن بيلنس) **n, vt.** lack of balance; to throw off balance; to derange or make slightly mad. برابر نہ هجڻ، غير برابر، ٻيسر ڪڍڻ، چريو ڪرڻ، دماغ ڦيرائڻ، تختا ڪڍڻ، ڏڪ پٽائڻ، ڦٽائڻ، ابتر ڪرڻ، بگاڙ وجهڻ، چِتو ڪرڻ، ترا ڪڍڻ، منجهائڻ.

unbalanced (اَن بيلنسڊ) **adj.** not in a state of equilibrium; without a counterpoise or compensation; without mental balance, erratic or deranged; (of a view or judgment) not giving due weight to all features of the situation; not adjusted so as to show balance of debtor and creditor. برابر نہ هجڻ، نا هموزن، غير برابر، غير هموار، مغز ڦريل، چريو بي قرار، سودائي، (فيصلو) نامناسب، غير واجب، حساب ۾ نہ آندل، (حساب ڪتاب) اڻ پيتايل، نامڪمل، رهتو، ناهموار، غير متوازن، غير مستحڪم، اڻ برابر، اڻ پورو، اڻ موافق، ناموزون.

unballasted (اَن بلاسٽيڊ) **adj.** without ballast; unsteady, unstable, flighty. جهاز ۾ لوڏن کان بچاءُ جو بندوبست نہ هجڻ، غير برابر، لڏندڙ، غير مقرر، رولو، بنا بيهڪ، وهمي، شڪي، سودائي، پوررالو، ڏانوانڊول، درهم برهم، الٽ پلٽ.

unban (اَن بين) **vt.** cease to ban; remove a ban from. بندش لاهڻ، بنا بندش جي، پابندي هٽائڻ، آزاد، خود مختيار.

unbanked (اَن بئنڪڊ) **adj.** not deposited in, provided with or having a bank. بنا ڪناري جي، بنا بند جي، بنا جهل جي، بنا بئنڪ جي، بئنڪ ۾ نہ رکيل.

unbar (اَن بار) **vt.** to remove a bar from or of; to unfasten; to open; to become unbarred. سيخ ڪڍڻ، کولي ڇڏڻ، (دروازو) کولڻ، بندش هٽائڻ، اڙي لاهڻ، روڪ هٽائڻ، آزاد ڪرڻ، تاڙي لاهڻ، بند خلاص ڪرڻ.

unbarbed (اَن باربڊ) **adj.** without barb; without bard, caparison or armour; uncropped; untrimmed بنا ڪنڊن جي، بنا چانگ جي، بنا سنج يا هني، بنا زين پوش، بنا زره، بنا سلاح، بنا پاکر، بنا هٿيار، اڻ ڪٽيل يا اڻ چانگيل.

unbare (اَن بيئر) **vt.** to bare, lay bare. کليل خالي، اگهاڙو، بنا ڍڪ، ظاهر ظهور، ڪڍڻ، کولي ڇڏڻ، ننگو ڪرڻ، عريان ڪرڻ، پڌرو ڪرڻ، خوار ڪرڻ.

unbark (اَن بارڪ) **vt.** to strip of bark. ڇوڏو لاهڻ، کل لاهڻ، ڇلڪو لاهڻ.

unbarked (اَن بارڪڊ) **adj.** not deprived of bark; deprived of bark. ڇوڏا لاٿل، کل لاٿل، بنا ڇوڏن جي، ڇوڏن.

سوڙو.

unbashful (ان بشفل) **adj.** free from bashfulness; shameless. بي شرم، ترلجو، بي لڄو، بي حياءَ، بي لڪو، منهن پڪو، اڻاسو، ٿوڊ، لدورو، ڏاڍ منهون.

unabated (ان بيٽيڊ) **adj.** undiminished; unblunted.اڻ گهٽايل) گهٽ نہ ڪيل، مڏو نہ ٿيل، تکو، مڪمل، اصل، اصل حالت ۾، بنا جهل پل جي، بنا روڪ ٽوڪ جي.

unbe (ان بي) to cause not to be; to cease to be, or be non-existent.نہ ٿيڻ، نہ هئڻ، ختم، ٿي وڃڻ، بيهي رهڻ، گم ٿي وڃڻ، غائب ٿيڻ.

unbear (ان بيئر) **vt.** to free from the bearing-rein. واڳ ڇوڙڻ، لغام لاهڻ، آزاد ڪرڻ.

unbearable (ان بيئربل) **adj.** not to be endured; intolerable. نہ سهڻ جهڙو، سخت، ناقابل برداشت.

unbearing ((ان بيئرنگ) **adj.** barren.ٺلهو، سڃو، ويران، غير پيداواري، اڻ ڦلو، غير آباد، بنجر، سنڍ (عورت)، جنهن کي حمل نہ ٿئي.

unbeatable (ان بيٽبل) **adj.** not beatable; excelling.ناقابل شڪست، سرسي ڪندڙ، سرس، اچو، خاصو، اتم.

unbeaten (ان بيٽن) **adj.** not beaten; (of a record) not surpassed; (of a player) not yet out.جنهن کي مات يا شڪست نہ آئي هجي، قائم، موجود، اڻ ڪاٽل، سرس، لائق، (رانديگر) سرسي نہ ڪيل، چڙهت کان ٻاهر.

unbeautiful (آن بيوٽيفل) **adj.** not beautiful, ugly.بي شڪلو، ڪوجهو، بدصورت، بدشڪل، بڇرو، خراب، بد زيبو، بي شڪليو.

unbeavered (آن بيورڊ) **adj.** without a beaver or hat; having the beaver of the helmet open.بنا مٿي اگهاڙو، بنا ٽوپ، بنا ٽوپيءَ جي، اگهاڙي منهن، بنا بچاءَ جي.

unbecoming (ان بڪمنگ) **adj.** unsuitable; improper; not suited to the wearer, or not showing her or him to advantage; (of behaviour) not befitting, unseemly; the transition from existence to non-existence..نا مناسب، نالائق، ناشائستو، اڻ سهائيندو، اڻ ٺهندڙ، نقصانڪار، غير فائديمند، اڻ ٺيڪ، زندہ مان مردي طرف ويندڙ، زندگيءَ کان موت طرف ويندڙ، خاتمي طرف ويندڙ.

unbed (ان بيڊ) **vt.** to rouse, remove or dislodge from a bed..اٿارڻ، جاڳائڻ، بستري تان اٿارڻ، کٽ يا پلنگ تان لاهڻ، هيٺ لاهي ڦٽي ڪرڻ.

unbedded (ان بيڊيڊ) **adj.** unstratified; not put to bed. بستري ۾ نہ سمهاريل، پلنگ تي نہ ستل، بي آرامي.

unbedinned (ان بيڊنڊ) **adj.** not made noisy..بنا شور جي، خاموش، مانٺو، سائتيڪو، ماٺو.

unbefitting(ان بفٽنگ) **adj.** not befitting, unsuitable, غير موافق، غير فائديمند، ناموزون، نہ ٺهندڙ، نامناسب، ناشائستو.

اڻ سهائيندڙ.

unbefriended (ان بيفرينڊيڊ) **adj.** not befriended..بي تعلق، غير واسطيدار، اڻ لاڳاپيل، اڻ سڃاتل، اڻ واقف.

unbeget (ان بيگيٽ) **vt.** to undo the begetting of.اڻ ڄاول، غير پيداواري.

unbegged (ان بيگڊ) **adj.** (of a person) not entered; not begged for. اڻ گهريل، بنا گهر، نہ پنيل، بي دخل، داخل نہ ڪيل.

unbeginning (ان بيگننگ) **adj.** without beginning.شروع کانسواءِ، بنا شروعات جي، بنا منڍ جي، بي ابتدا، ظاهري اسباب کانسواءِ موجودگي.

unbegot or unbegotten (ان بي گاٽ، ان بي گاٽن) **adj.** not yet begotten; not generated; existing independent of any generating cause.اڻ ڄڻيل، اڻ ڄاول، نظر نہ ايندڙ سبب باوجود بہ موجود، پاڻهي پاڻ وجود ۾ آيل، جنهنجو پرو پاند نہ هجي، اڻ لکو.

unbeguile (ان بي گائيل) **vi.** to undeceive..دوکو نہ ڏئي سگهڻ، ٺڳي نہ سگهڻ، دلبي يا دوکي دولاب مان نڪري اچڻ.

unbeguiled (ان بي گائيلڊ) **adj.** not deceived.دوکي جوڳو نہ، اڻ ٺڳيل، پختو، پڪو.

unbegun (ان بي گن) **adj.** not yet begun; without beginning. نہ شروع ڪيل، بنا شروعات جي، بنا منڍ جي، بي ابتدا.

unbeholden (ان بي هولڊن) **adj.** unseen; under no obligation of gratitude.اڻ ڏورائتو، نظر نہ ايندڙ، ري احسان، بنا احسان جي.

unbeing (ان بيئنگ) **adj, n.** non-existent; non-existence..موجود نہ هجڻ، غيرموجود، نا موجود، نہ نظر ايندڙ، بنا حيات.

unbeknown or unbeknownst (آن بي نون يا ان بي نونسٽ) **adj.** unknown; without the knowledge of, unobserved by. بنا ڄاڻ، اڻڄاڻ، بي خبر، اڻ ڄاڻائي ۾، اڻ ڏٺي.

unbelief (ان بيلف) **n.** incredulity; infidelity; disbelief, or withholding of belief, esp in accepted religion..بي اعتبار، شڪي، غير اعتقادي، بي ويساهہ، اڌرم، بي ديني، اوشواس، اڻ ويساهي، بي دين، لا مذهب.

unbelievable (ان بليوبل) **adj.** incredible; astonishing, remarkable.يقين نہ ڪرڻ جهڙو، بي اعتبار، وائڙو ڪندڙ، حيرت ۾ وجهندڙ، لاجواب، واهہ جو، مشهور و معروف، عجيب و غريب، نرالو، نہ وسهڻ جوڳو، اچرج وارو، ڌيان ۾ رکڻ جهڙو، حيرت ناڪ، حيرت انگيز، ناقابل يقين.

unbelieve (ان بليوبلي، ان بليو) **vt, vi.** to disbelieve; to refrain from believing; to cease to believe..نہ مڃڻ، اعتبار نہ ڪرڻ، اعتبار ۾ نہ ايندڙ، اعتبار وڃائي ويهڻ.

unbeliever (ان بليور) **n.** one who does not believe, esp in the prevailing religion; a habitually incredulous

person..نہ مـجيندڙ، آوشـواسي، بي ويسـاهو، بي دين، ڪافـر، ناستڪ، نہ مجيندڙ، نہ وسهندڙ.

unbeloved (ان بي لـوڊ) **adj.** not beloved.آڻ مَٽ گـهـريو، وڻندڙ، نہ چاهيو ويندڙ، ڌڪاريل، نفـرت جوڳو، قابل نفـرت، لوڌڻ جهڙو.

unbelt (ان بيلٽ) **vt.** to undo the belt of a garment.ڪمر جو پٽو کولڻ، اڳٹ کولڻ، ڪپڙن کي ڍرو ڪرڻ.

unbelted (ان بيلٽيڊ) **adj.** without a belt; freed from a belt. پٽي کانسواءِ، ڇوڙيل، آزاد.

unbend (ان بينڊ) **vt, vi.** to relax (eg a bow) from a bending tension; to straighten; to undo, unfasten; to relax the mind; to allow a frown, to disappear from the brow; to become relaxed; to behave with freedom from stiffness; to be affable.تيـر کي ڍرو ڪرڻ، ڇڪ لاهڻ، وڪڙ ڪڍڻ، زور ڇڏڻ، کـولي ڇڏڻ، ڍرو ڪرڻ، فرحت اچڻ، مانُو ٿيڻ، سانت ۾ اچڻ، گهنڊ وڃهڻ، پرون سڌا ٿيڻ، (منهن ۾ آيل) شوخي ختم ٿيڻ، سختي ڇڏي آرام واري حالت ۾ اچڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ جهڙو ٿيڻ، سڌو ڪرڻ، (سـڙهہ) کولڻ، (من کي) سانت ڏيڻ، آرام ڏيڻ.

unbending (ان بينڊنگ) **adj.** not bending; unyielding; resolute; a relaxing.نہ مڙندڙ، بي چَيو، آرام وارو، بنا تڪليف جي، ڪاهوڙي، اٽل، مَدَر، پڪو، پختو.

unbent (ان بينٽ) **adj.** not bent; relaxed; not overcome or vanquished..اڻ مڙيل، اڻ ماريل، اڻ هارايل، بنا سختيءَ جي، ڍلو، نرم، آرامده، اڻ مِٽ.

unberufen (ان بروفن) **adj.** not called for, used as an exclamation to avert the ill-luck that may possibly follow an over-confident or boastful statement.اڻ گهريو ، اجائي ڊاڙ، بناڪ، (بد نصيبي هٽائڻ لا) دعـا جا لفظ چوڻ، انشا الله جا لفظ چوڻ.

unbeseem (ان بيسيم) **vt.** to misbecome; to fail to fulfil. ناڪام ڪوشش، شان وتان نہ هئڻ، نہ ٺهڻ، نہ سيانڻ.

unbespeak (ان بي اسپـيڪ) **vt.** to cancel an order for. (حڪم کي) رد ڪرڻ، منسوخ ڪرڻ، چيل لفظ واپس وٺڻ.

unbias (ان بياس) **vt.** to free from bias..شڪ کان آزاد ڪرڻ، بي گمانو ڪرڻ، (دل کي) صاف ڪرڻ.

unbiased (ان بياسڊ) **adj.** not biased; free from any bias or prejudice; impartial.شڪ آزاد، غيـر مُتـعـصـب، کانسواءِ، بي طرفو، بي رياءُ، منصف، امين، غير جانبدار.

unbiblical (ان بيليڪل) **adj.** contrary to or unwarranted by the Bible.انجيل جي حـڪـم خلاف، انجيل طرفـان ڏنل حڪمن جي انحرافي.

unbid (ان بـڊ) **adj.** not bid; spontaneous; uninvited; not prayed for. اڻ گهريو، اتي جو اُتي، ٺـهـ پهہ، پاڻيهي، پاڻ مـرادو، خود بہ خود، بي اختـيـار، قـدرتي، پاڻيـهي ڇاول (ٻوٽو).

خودرو، اڻ سڏيو، بي گهريو، بنا دعا گهرڻ جي (مليل).

unbiddable (ان بـڊيـبل) **adj.** unbidden; not bid; not prayed for..بنا دعا گهرڻ جي، پاڻ مـرادو، اڻ گهريو، ري چيو، جنهن لاءِ نہ چيو ويو هجي، بنا چوڻ جي، بنا گهرڻ جي.

unbidden (ان بڊ) **adj.** not bid or commanded; uninvited; spontaneous.بي آکئي، بي يـعوتيـو، اڻ ڪوـليـو، بغيـر دعوت، اڻ نيڊيو، ري سڏيو، ري ڪوٺيو، پاڻ مرادو، اوچتو، خود بہ خود، ري چيو.

unbind (ان بائينڊ) **vt.** to remove a band from; to untie; to loose; to set free.رها ڪرڻ، کـولڻ، بندش هـٽـائڻ، کـولي ڇڏڻ، آزاد ڪرڻ، ڍر ڏيڻ، پٽو لاهڻ، پٽي مان کولڻ.

unbinding (ان بائينڊنگ) **adj.** the removal of a band or bond; a loosing; a setting force; loosening, not binding.رها ڪـندڙ، کـــوليـندڙ، آزاد ڪـندڙ، هلائيندڙ، رهـا ڪرائيندڙ، پـٽـو کـولڻ، رسـو ڪـڍڻ، بند کـولڻ، ڍرو ڪـرڻ، هلـڪـو ڪرڻ، غير ضروري، لاڳو نہ ٿيندڙ.

unbirthday (ان برٿڊي) **adj.** (pertaining to) a day other than one's birthday.جنم جو ڏينهن نہ هـجڻ، جنـم ڏيـنـهـن کانسواءِ ڪو ٻيو ڏينهن، عام ڏينهن.

unbishop (ان بـشـپ) **vt..** to deprive of the status of bishop. پادريءَ کان عهدو واپس وٺڻ.

unbit (ان بـٽ) to take off from the bits.لغام لاهڻ، مـهـار ڇوڙڻ، واڳ ڇوڙڻ.

unbitted (ان بٽيڊ) **adj.** without a bit; unbridled..بي لغام، بنا ڏوريءَ جي، بي مهار، آزاد، لکيل.

unbleached (ان بليمـشـڊ) **adj.** not blemished..اڻ ڌوتـل، ميرو، بي رنگ.

unblemished (ان بليمشڊ) **adj.** unflinching; unstained. بي داغ، صاف، شفاف، پڪو، پختو.

unbless (ان بليس) **adj.** to withhold happiness from; to deprive of blessing.دعا نہ ڪرڻ، پٽڻ، پاراتو ڏيڻ، خوشيون بندڻ، برڪت کان وانجهڻ، نعمت کان محروم ڪرڻ، پٽڻ، پاراتو ڏيڻ، بد دعا ڏيڻ.

unblind (ان بلائينڊ) **adj.** not blind. سجو، اکين وارو، ڏسندڙ.

unblinking (ان بلنڪنگ) **adj.** without blinking; not wavering; not showing emotion, esp fear.اکيون نہ چنيندڙ، نہ هٽندڙ، جذبات نہ ڏيکاريندڙ، نہ ڊڃندڙ، بي ڊپو، بهادر، منهن ڏيڻ وارو، سورهيہ.

unblock (ان بـلاڪ) **vt.** remove an obstruction from (esp a pipe or drain)..رنڊڪ ڪـڍڻ، ڇاٻَ هـٽـائڻ، کـولڻ، وهائڻ.

unblown (ان بلان) **adj.** not blown; still in the bud, not yet having bloomed.(مُکڙيءَ) اڻ ڦٽل، ڍڪيل، لڪل، گونچ نہ کليل،نہ ٽڙيل.

unblushing (ان بلـشـنگ) **adj.** not blushing; without

shame; shameless; impudent. بي حيا، بي شرم، بي شرميءَ جو، اٽاسو بي لڪو، منهن جو پڪو، بي غيرتو، بي مُرَم.

unbodied (ان باڊيڊ) **adj.** disembodied; not having a body or a form. بنا جسم کان سواءِ غير جسماني، بنا صورت، ڊول، روحاني.

unboding (ان باڊنگ) **adj.** not expecting. اميد نہ رکندڙ، نا اميد، مايوس.

unbolt (ان بولٽ) **vt, vi.** to draw back a bolt from; to unbar; to become unbolted; to explain, expound. (دروازي جو) ڪڙو کولڻ، در کولڻ، ڪنڊي لاهڻ، سمجهائڻ، تشريح ڪرڻ، مطلب ٻڌائڻ، کولي سمجهائڻ، واضح ڪرڻ، تفسير ڪرڻ.

unbolted (ان بولٽيڊ) **adj.** unsifted; unfastened by withdrawing a bolt; not fastened by bolts; not separated by bolting or sifting; coarse. در ڪنڊي کليل، کليل، تازي لٿل، کهرو، جدا نہ ڪرڻ جهڙو، الڳ نہ ڪرڻ جهڙو، جدا نہ ٿيندڙ، سادو، ٿلهو.

unbonnet (ان بانيٽ) **vt., vi.** to remove the bonnet from; to uncover the head. ٽوپلو لاهڻ، مٿو اگهاڙو ڪرڻ.

unbonneted (ان بونيٽيڊ) **adj.** bare-headed. مٿي اگهاڙو.

unbooked (ان بڪيڊ) **adj.** not entered in a book; unreserved; not literary. ڪتاب ۾ داخل نہ ٿيل، بنا شرط، سچوئي، ڪَلي، غير ادبي، غير فني، مخصوص نہ ڪيل.

unbookish (ان بوڪش) **adj.** unlearned; not given to or depending on reading; not savouring of books. اڻ پڙهيل، ڄٽ، بي علم، اڻ ڄاڻ، پڙهائيءَ کان دور.

unboot (ان بوٽ) **vt, vi.** remove one's boots or the boots of a person. ڪنهن جو بوٽ لاهڻ، جتي لاهڻ، پير اگهاڙا ڪرڻ.

unborn (ان بارن) **adj.** not yet born; non-existent; without beginning. اڻ ڄاول، غير موجود، بنا شروعات، سرجيل، انادي، اڃڻ وارو.

unborrowed (ان بارود) **adj.** not borrowed; original. اوڌر تي نہ ورتل، قرض نہ ڪنيل، اصلي، اصل، پنهنجو.

unbosom (ان بوزم) **vt.** to pour out, tell freely (what is in the mind); to reveal to the eye; to reveal in confidence; to unburden (oneself) confide freely. دل ۾ نہ رکڻ، چٽي ڏيڻ، ٻڌائي ڇڏڻ، دل ۾ دٻيل راز ظاهر ڪرڻ، ڳجهہ کولڻ، اندر اوڳاڇڻ، نروار ڪرڻ، ظاهر ڪرڻ، دل تان بار لاهڻ، والکو ڪرڻ.

unbothered (ان باٿرڊ) **adj.** not bothered; unconcerned. تنگ نہ ڪيل، لاتعلق، غير واسطيدار، بي تعلق.

unbottomed (ان باٽمڊ) **adj.** bottomless; having no foundation or support; not founded. بنا تري وارو، بنا بنياد جي، بي مدد، بي سهارو، بي بنياد، بي ٽيڪي، ري ٽوليءَ، بي بنياد، بي پيڙهو، اڻ شروع.

unbought (ان باٽ) **adj.** obtained without buying; not bribed. بنا خريداريءَ جي حاصل ڪيل، بنا رشوت جي حاصل ٿيل، مفت ۾ مليل.

unbound (ان بائونڊ) **adj.** not bound; loose; not under obligation; without binding. کليل، بنا بند جي، بنا جلد جي، بي جلدو، بنا ڳنڍ جي، اڻ ڳنڍيل، ڍرو، ڇڙيل.

unbounded (ان بائونڊيڊ) **adj.** not limited; infinite; unrestrained; boundless; having no check or control. بنا روڪ جي، اپار، بي پايان، ازحد، بيحد، بيشمار، ڪائناتي کان ٻاهر، بي انت، اڻ ڪيجار.

unbowed (ان بوڊ) **adj.** not bowed or bent; not vanquished or overcome, free. اڻ مڙيل، سڌو، ايبو، آزاد، بي لغام، مُڪت، والدو، ڇڙواڳ.

unbox (ان باڪس) **vt.** to remove from a box or crate. پيٽيءَ مان ڪڍڻ، کوکي يا دٻي مان ٻاهر ڪڍڻ، ٻاهر ڪڍي رکڻ.

unbrace (ان بريس) **vt.** to undo the braces, points or bands of; to loose or relax. ڍلو ڪرڻ، (ڏوال) لاهڻ، کولڻ، ڍرو ڪرڻ، فرحت ۾ اچڻ، ڪهيون يا ڪشا کولڻ.

unbraced (ان بريسڊ) **adj.** not braced; without clothing unfastened; (of a drum) with tension released; relaxed. اڻ ٻڌل، کليل ڪپڙا پاتل، ڍرو ڪيل، نرم، ڍرو، سختي هٽايل، آرامي، فرحتي، والکو.

undoer (ان ڊوئر) **n.** someone who undoes; someone who ruins; a seducer.. لڳائيندڙ، ٺاهيل کي ڊاهيندڙ، ڏتاريندڙ، رد ڪندڙ، برباد ڪندڙ، تباهہ ڪندڙ، ترغيب ڏيندڙ، برغلائيندڙ، ڪنواري عورت سان زنا ڪندڙ.

undoing (ان ڊوئنگ) **n.** the reversal of what has been done; unfastening; opening; ruin or cause of ruin. بربادي، منسوخي، خواري، ڦٽائي، چوڙي، کولي، ستيا ناس، تباهي، بگاڙڻ، تباهيءَ ۽ بگاڙ جو ڪارڻ، سبب.

undomestic (ان ڊوميسٽڪ) **adj.** not domestic; not content with, adapted to, or relating to, home life; unhomelike. اڻ پالتو، غير پالتو، جانور، جهنگلي، جهنگ لاڳو، اڻ گهرو، اڻ پاليل، گهريلو زندگيءَ کان پري.

undomesticate (ان ڊوميسٽيڪيٽ) **vt.** to make undomestic; to untame.. اڻ پالتو بنائڻ، وحشي بنائڻ، گور ڪري چڙڻ، گهريلو جانور کي جهنگلي بنائڻ، جهنگراڙ ڪرڻ.

undone (ان ڊن) **adj.** not done; annulled; brought to naught; unfastened; opened; ruined; seduced. اڻ ڪيل، اڌورو، چٽ، چڙي ڏنل، ناس، مَنسو، ورغلايل، برغلايل، پنيلايل.

undouble (ان ڊبل) **vt.** to unfold, open out. کولڻ، وِکڙ

لاهڻ، پڌرو ڪرڻ، واڪو ڪرڻ، نروار ڪرڻ.

undoubtable (ان ڊائوٽبل) **adj.** indubitable.غير شڪي،بغير شڪ جي، پڪو، يقيني.

undoubted (ان ڊائوٽيڊ) **adj.** not doubted; unquestioned; certainly genuine or such as is represented; undubitable..يقيني، بنا شڪ شبي، بي شڪو، بي شبو، بلاشڪ، ڪير ڏوتو، البت، تحقيق، اصلي، اصل صورت يا حالت ۾.

undoubtedly (ن ڊائوٽيڊلي) **adj.** without doubt, certainly. بيشڪ، تحقيق، البت، بنا شڪ شبي جي، يقيني.

undrained (ان ڊرينڊ) **adj.** not drained..اڻ وهايل، بيسل، پريل.

undramatic (ان ڊرئميٽڪ) **adj.** lacking a dramatic quality or effect; understated; unremarkable.اصل، اڻ جڙتو، اڻ هٺ نوڪيو، معمولي، عام طرح، ڪنهن خاص خوبيءَ کان سواءِ، گهٽ پاتيل.

undraped (ان ڊرپيڊ) **adj.** without drapery; nude; naked..بنا پوشاڪ جي، بنا پردي جي، اگهاڙو، اڻ پهريل، ننگو، الف.

undraw (انڊرا) **vt.** to draw back.(نقشو ناهي) ناهي ڊاهڻ، خراب ڪري پردا کولڻ، ڇڏڻ، واپس ڪرڻ، اندر ڪرڻ، پڪوڙڻ.

undreamed or **undreamt** (ان ڊريمٽ) **adj.** not imagined even in a dream.اڻ سوچيل سمجهيل، نہ خواب و خيال، نا معلوم، تصور کان ٻاهر.

undress (ان ڊريس) **vt., vi, n.** to remove the clothes or dressing from; to take off one's clothes; scanty or incomplete dress; ordinary, informal dress; uniform for ordinary occasions..ڪپڙا لاهڻ، پهو پٽي ڇوڙڻ، ننگو ڪرڻ، (ڪنهنجا) ڪپڙا لاهڻ، عام پوشاڪ ۾ هجڻ، نامڪمل يا اڌوري پوشاڪ، عام گهريلو پوشاڪ، عام حالتن لاءِ مقرر پوشاڪ.

undressed (ان ڊريسڊ) **adj.** not dressed; not set in order, or made trim, or treated or prepared for use; divested of clothes; to take one's clothes off.بنا مڪمل يا صحيح پوشاڪ جي، غير ترتيب، ڪتيل، چنديل، ڇاٽيل، استعمال لائق نہ بڻايل، اڻ تيار، اگهاڙو، بنا ڪپڙن جي، ڪپڙا لاهڻ، اگهاڙو ٿيل، ڇانگيل، بنا مرچ مصالحي جي، اڻ پڪل.

undrossy (ان ڊراسي) **adj.** pure..صاف، نج، اصل، بنا ملاوت جي.

undue (ان ڊيو) **adj.** not due or owning; unjustifiable; inappropriate; excessive; a strong influence over another person which might prevent the exercise of that person's free will. ناجائز، ناروا، ناواجب، بي جاءِ، نا مناسب، حد کان ٻاهر، غير واجبي، اجوڳ، اڻ مدي نہ ٿي هُندي، اڻ مدي پُني، ٻئي شخص تي غير واجبي اثر رسوخ جنهن ڪري هو شايد پنهنجي آزاد راءِ يا مرضي استعمال ڪرڻ کان ڪيائي.

undulant (ن ڊيولنٽ) **adj.** moving like waves; fluctuating.لهر دار، لهرن وانگر هلندڙ، موڙي، اڪري، هيٺ مٿاهين، گهٽ وڌائي، لاڏندڙ، جهولندڙ، لهري.

undulant fever (ان ڊيولينٽ فيور) **n.** Brucellosis in humans (so called because of the intermittent fever associated with the disease.گهٽ لهري بخار، لرزشي بخار، وڌ ٿيندڙ بخار، پرالو تپ، مالٽا بخار، واري جو تپ، سيءُ تپ.

undulate (ان ڊيو ليٽ) **vt, vi, adj.** have or cause to have a wavy motion or look; wavy, going alternately up and down or in and out.هيٺ مٿي يا اڳيان پٺيان ٿيڻ، لهرن ۾ پوڻ، لڏڻ، لهرن ۾ وجهڻ، لوڏڻ، لهرائڻ، لهردار، هيٺ مٿي ٿيندڙ، ڏڪندڙ، گهنديون پوڻ.

undulation (ان ڊيوليشن) **n.** a wavy motion or form a gentle rise and fall; each wave of this; a set of wavy lines..زمين جي ڪرڙ، هيٺ مٿي ٿيڻ، ڏڪو، لرزش، لهرو، لهر، ترنگ، موج، حرڪت، لهر چال، لهردار شڪل، گهنديون ٿيڻ.

undulationist (ان ڊيوليشنسٽ) **n.** someone who holds the undulatory theory of lightروشنيءَ جي لهردار وهڪري جو قائل.

undulatory (ان ڊيوليٽري) **adj.** undulating, wavy; of or due to undulation..لاڏندڙ، لهردار، موج زن، ترنگ، سڏالت، موج وارو، لاهہ چاڙهہ وارو، گهندي دار.

unduly (ان ڊيولي) **adj.** unjustifiably; more than is right or reasonable, excessively; wrongfully.نا مناسب طور، بيجاءِ، گهڻائي، بيحد، انتهي، ناجائزي، ناحقي، بي انصافي، نا جائز نمولي.

unduteous (ان ديوٽس) **adj.** undutiful..ناخلق، ڪُپَتُ، ڪپتي، بي فرمان، نافرمان، بي چيو، غير ذميوار، ڪپتيو، ويسام گهاتي ڪندڙ، فرض ناشناس.

undyed (ان ڊائڊ) **adj.** not dyed..بنا رنگ، بي رنگ، اصل صورت ۾، ڪورو.

undying (ان ڊائينگ) **adj.** not dying, immortal; unceasing. امر، سدائين قائم، ابناسي، آبدي، دائم، لازوال.

uneared (ن آرڊ) **adj.** not eared; untilled.غير اڻ کيڙيل، آباد، بنجر، بنا سلي، اڻ ايريل (سلو).

unearned (ان ارنڊ) **adj.** not earned by work; (of something pleasant or unpleasant) unmerited.بنا تڪليف جي، ناجائز طريقي حاصل ڪيل، ناحقي، بي حقداري، بنا ڪمائيءَ، بنا محنت.

unearned income (ان آرنڊ ان ڪم) **n.** income, eg dividends, that is not remuneration for work done.بنا محنت جي اجورو، غير محنتي آمدني، ناجائز طريقي سان حاصل ڪيل آمدني، مٿين ڪمائي.

unearned increment (ان آرنڊ انڪريمينٽ) **n.** increase in value of land independent of owner's labour or expenditure.زمين جي ملهہ ۾ وقت پٽاندڙ واڌ جيڪا بنا پورهئي جي

بنا خرچ جي حاصل ٿئي.

unearth (اَن اَرٿ) **vt.** to dig up, disinter; to bring out of obscurity; bring to light; to expel from a burrow. کوٽڻ، کوٽي ڪڍڻ، ڳولي ڪڍڻ، کولڻ، مٽي اٿلائڻ، برملا ڪڍڻ، پڌرو ڪرڻ، سرنگهه يا ٽاڪ مان ٻاهر ڪڍڻ.

unearthed (اَن آرٿڊ) **adj.** not connected to earth electrically; dug up, brought to light, etc. (بجلي) زمين سان نه جوڙيل، کوٽيل، ڳولي ڪڍيل، روشنيءَ ۾ آندل، پڌرو ڪيل.

unearthly (اَن ارٿلي) **adj.** celestial; weird, ghostly; unconscionable, absurd (esp of an early hour). غير دنوي، غيبي، ڀيانڪ، ڀوائتو، ديوي، جن ڀوت وارو، روحاني، غيب جو، جادوءَ جو، حيرت انگيز، عجيب، بي وقتائتو.

unease (اَن ايز) **n.** lack of ease; discomfort; apprehension. بي قراري، بي تابي، بي آرامي، بيچيني، لچ پچ، لوچ ، انديشو، فڪر، پَرچهه، پروڙ، ڌَٻ ڌِڪَو، خوف.

uneasy (اَن ايزي) **adj.** not at ease; disquieted; apprehensive; showing troubled restlessness; uncomfortable; difficult to do or accomplish; (of roads) difficult because of physical obstacles. بي آرام، اوکو، ڏکي، وياڪل، بيتاب، اَسڪَڻ، بي قرار، بي آرامي، انديشي وارو، پروڙ جو، بي حسرفت، تڪليف ۾، (ڪرڻ ۾) ڏکيو، تڪليف ڏيندڙ، (رستا) رنڊڪن وارا، هيٺ مٿي.

uneatable (اَن ايٽبَل) **adj.** not able to be eaten, esp because of its condition. نه کائڻ جوڳو، نا خوردني، اڻ کاڄرو.

uneaten (اَن ايٽن) **adj.** not eaten; left undevoured. اڻ کاڌل، کائڻ کان بچيل.

uneath (اَن ايٿ) **adj.** difficult; distressing; with difficulty; in hardship; hardly, scarcely; almost. ڏکيو، تڪليف ده، تڪليف ڏيندڙ، مصيبت ۾، سختيءَ وارو، اڻ لڀ، اڻ ملندڙ، ذري گهٽ، گهٽو ڪري، تڪليف ۾، مشڪل سان، مسس مس، ورلي، تقريباً، شايدئي، مشڪل سان، ڏکيائيءَ سان.

uneconomic (اَن ايڪنامڪ) **adj.** not in accordance with sound economics. اصولن جي برخلاف، فائدي کانسواءِ، مهانگو، غير معاشي، غير اقتصادي، اقتصادي اصولن جي منافي.

uneconomical (اَن ايڪانامڪل) **adj.** not economical. غير معاشي، غير اقتصادي، غير پيداواري، مهانگو.

unedge (اَن ايج) **vt.** to blunt. مڏو ڪرڻ، ڌار وڃائڻ.

unedifying (اَن ايڊيفائنگ) **adj.** not instructing or uplifting morally or aesthetically; morally degrading or degraded. بد روحاني صلاحيت کان خالي، اخلاق کان خالي، بد اخلاق، بد صورت، خراب، رذيل، بدڪردار، پست، ڪريل.

unedited (اَن ايڊيٽيڊ) **adj.** never edited, never before published. نه شائع نه ٿيل، اڻ ترتيب ڏنل، بنا ترتيب جي، درست نه ڪيل (لکڻي).

uneducated (اَن ايڊيوڪيٽيڊ) **adj.** not educated. اڻ پڙهيل، ٿورو، پڙهيل، ناخواندو، جاهل، بي علم، چٽ.

unelectable (اَن اليڪٽبل) **adj.** (of a candidate or party) holding views likely to bring defeat at an election. چونڊ لاءِ غير موزون، چونڊجڻ لاءِ غير مناسب (پارٽي، اميدوار).

unelected (اَن ايليڪٽيڊ) **adj.** not elected. اڻ غير منتخب، چونڊيل، ناقبل.

unembarrassed (اَن ايمبيرسڊ) **adj.** not embarrassed. جو خوف جي وقت گهبرايل نه هجي، اڻ منجهيل، اڻ گهبرايل، بي خوف، مالو، سالتيڪو.

unembellished (اَن ايمبلشڊ) **adj.** not embellished or decorated. اڻ سينگاريل، رکو، سادو.

unemotional (اَن اموشنل) **adj.** not emotional; lacking emotion. غير جذباتي، سرد دل، بنا جوش، بي احساس، بي جوش، بي جذبي.

unemotioned (اَن اموشنڊ) **adj.** impassive. بي سرد دل، بي جوش، بي احساس، بي جذبي، خاموش، رکو، خشڪ، بي ڪهلو.

unemphatic (اَن ايمفيٽڪ) **adj.** not emphatic. غير اثرائتو، اڻ زورو، بنا زور جي، غير تاڪيدي.

unemployable (اَن ايمپلائبل) **adj.** unfit for paid employment; unemployable person. نوڪريءَ لاءِ ناموزون، نوڪري نه ڏيڻ جهڙو، نڪمو.

unemployed (اَن ايمپلئيڊ) **adj.** out of work; not put to use or profit; for or pertaining to those who are out of work; the number of people out of work in a given period. خالي، بيروزگار، بيڪار، واندو، فالتو، ويٺل، فارغ، پالهو، نڪمو، ري ڪمو، نڪمو، نه ڪم آيل، فالتو هڪ ڪنهن وقت بيروزگار ماڻهن جو اندازو.

unemployment (اَن ايمپلائمينٽ) **n.** the state of being unemployed; the condition or extent of this in a country or region, etc. بيروزگاري، روزگار جي ڪمي، (ڪنهن ملڪ ۾) هڪ ئي وقت بيروزگارن جو تعداد.

unemployment benefit (اَن ايمپلائيمينٽ بينيفٽ) **n.** a payment supplied under the national insurance scheme to a person who is unemployed. بيروزگاريءَ جو پئسو، بيروزگاري جو اجورو، پيٽ گذر.

unenclosed (اَن اين ڪلوزڊ) **adj.** not enclosed. اڻ ويڙهيل، کليل، اڻ ڍڪيل، نه گڏيل، شامل نه ڪيل.

unencumbered (اَن اين ڪمبرڊ) **adj.** (of an estate) not having any liabilities (eg a mortgage) on it; having no encumbrance; free. بنا اڻ گروي، آزاد، خودمختيار، ذميواريءَ جي، پاڻ مُهون، نازير بار، بي مِيار، جوابدارين کان آجو.

unendeared (اَن اينڊيئرڊ) **adj.** not made precious. غير قيمتي، قيمتي نه بڻايل، خسيس.

unending (اَن اينڊنگ) **adj.** having or apparently having no end; endless; everlasting; never ceasing; inces-

sant; thorough-going. ختم نہ ٿيڻ جوڳو، بي انت، هلندڙ، مسلسل، بي حد، ختم نہ ٿيندڙ، اَنت، اَپار، بي انتها، هميشہ جو، لت، قائم، اَمر، پيو هلندڙ، لڳاتار، هڪ ڌارو، اَٽل، لرنتر، پورو، ڪامل، سراسر.

unenforceable (ان اين فورسيبل) **adj.** that cannot be enforced (esp legally). ناقابل (قانوني طور) نافذ نہ ڪرڻ جهڙو، ناقابل نفاذ، لاڳو نہ ڪرڻ جهڙو، غير لاڳو.

unengaged (ان انگيجڊ) **adj.** not engaged; uncommitted. غير مصروف، والدو، بيڪار، بي روزگار، چڙهو، ڪنوارو.

unenjoyable (ان انجوائيبل) **adj.** not enjoyable. بي مزي يا جنهن مان خوشي نہ ٿئي، بيسود.

unenlightened (ان اينلئيٽنڊ) **adj.** not enlightened. لا علم، بنا روشنيءَ جي، اوندهہ ۾، جاهل، چٽ، بي سمجهہ.

unenterprising (ان اينٽر پرائيزنگ) **adj.** not enterprising. جوکو نہ کڻندڙ، بي همت.

unenthusiastic (ان اينٿيوزياسٽڪ) **adj.** not enthusiastic. جوش کان خالي، بنا جوش ۽ جذبي، مرده دل.

unenviable (ان اين ويئبل) **adj.** not to be envied; (of a task) not exciting envy. (اهڙو عمل) محنت يا تڪليف وارو، جنهن جي ڪوبہ آرزو يا خواهش نہ ڪري، بنا حسرت وارو، غير شوقيہ.

unequal (ان ايڪئل) **adj. adv, n.** not equal; in adequate; varying, not evenly balanced, eg with regard to concessions made or advantages gained; inadequate or equal; varying, not uniform; (of an agreement) not evenly balanced, eg with regard to concessions made or advantages gained; inadequate; unjust; excessive; someone who is not equal in rank, ability etc. نا برابر، نا مڪمل، اڻ پورو، گهٽ وڌ، ناقابل، ننڍو وڏو، اڻ برابر، نابرابر، غير هموار، غير مساوي، اڻ پوري ٻيهڪ وارو، بي قاعدي، بي رعايت، غير مناسب، (نامہ) هڪ طرفو، غير فائدي مند ڪم، نا انصافيءَ وارو، گهڻو، بيحد، اتينت، غير برابر (عهديدار)، غير متوازن، نامناسب، زيادتي ڪيل، لياقت يا عهدي ۾ اڻ برابر.

unequalled (ان ايڪئلڊ) **adj.** without an equal. بي مثل، لاثاني، بي نظير، اڻ جيس، اڻ جوڙ، اَپرَ، اڻ مَٽ، ادوتيہ، بي مثال.

unequitable (ان ايڪئٽيبل) **adj.** inequitable. اڻ برابر، غير برابر، غير مساوي.

unequivocal (ان ايڪئي ووڪل) **adj.** unambiguous; explicit; clear and emphatic. صاف، غير مبهم، بي شبہ، صريح، صاف معني، صاف صاف، واضح.

unerring (ان رنگ) **adj.** making no error, infallible; not, or never, missing the mark. صحيح، بي خطا، پورو، آچوڪ، اپرانت، اڪس، اَٽل، پورو، چيتو، نشاني انداز.

unescapable (ان ايسڪيپبل) **adj.** inescapable. نہ فرار جوڳو، جنهن کان بچي نہ سگهجي، نہ ٽلندڙ، اڻ ٽر، جيڪو بچي نہ سگهي.

unescorted (ان ايسڪورٽيڊ) **adj.** not escorted. بنا محافظ جي، پاڻ مرادو، پنهنجي سر، پنهنجي منهن، بنا راکي جي، بنا رکپال جي، بنا محافظ جي.

unessence (ان اسينس) **vt.** to deprive of essence or being. وجود وڃائڻ، روح ڪڍڻ، خوشبوءِ وڃائڻ.

unessential (ان اسينشل) **adj.** not of the essence; inessential, not necessary, not important; without being, immaterial. غير اهم، فضول، غير لازمي، غير ضروري، اجايو، بيڪار، ڪنهن ڪم جو نہ.

unestablished (ان ايسٽيبلشڊ) **adj.** not established; not on the establishment or permanent staff. غير، عارضي، ڪچو، غير مستحڪم، وقتي عهديدارن تي مشتمل، ڪم چلائو.

unethical (ان ايٿيڪل) **adj.** not ethical, esp unscrupulous in business or professional conduct. غير اخلاقي، بد اخلاق، واپار يا ڪاروباري معاملن ۾ غير اخلاقي طريقا اختيار ڪندڙ.

unevengelical (ان ايونيجليڪل) **adj.** not evangelical. غير مَذهب عيسائي، انجيل مقدس تي عمل نہ ڪندڙ فرقو.

uneven (ان ايون) **adj.** not level or smooth; not uniform or equable; (of a contest) unequal. نا برابري، گهٽ وڌ، هيٺ مٿي، آڏو ترڇو، غير هموار، ڪڙٻڙائون، ادروٽ، (مقابلو) غير برابر.

uneventful (ان ايونٽ فل) **adj.** not eventful. بنا واقعي جي، بنا تڪليف، ڪنهن خاص موقعي جو نہ، بي رنگي.

unexampled (ن اگزامپلڊ) **adj.** unprecedented, without like or parallel. لاثاني، بي مثل، بي نظير، بنا مد مقابل جي.

unexceptionable (ان ايڪسيپشنبل) **adj.** not liable to objection or criticism; exactly right, excellent; without exception. بي عيب، ناقابل اعتراض، بلڪل عمدو، بنا خاميءَ جي، چيل يا چوڻ مطابق لاثاني.

unexceptional (ان ايڪسيپشنل) **adj.** not admitting or forming, an exception, run-of-the-mill, unexceptionable. بي عيب، عيب کان مَبرا يا عيب کان پاڪ، بلڪل عمدو، طريقي وارو، ناقابل اعتراض، بنا خاميءَ جي.

unexcitable (ان ايڪسائيٽبل) **adj.** not easily excited. جلديءَ يا آسانيءَ سان نہ تيار ٿيندڙ، جوش نہ ولندڙ، ٿڌو، بي جذباتي، مانو، اندر جي آڌمن تي ضابطو رکندڙ.

unexciting (ان ايڪسائيٽنگ) **adj.** not exciting; dull. غير جذباتي، جهڪو، موڳو، بنا جوش جي، ڪُنو، ڪَرسو، مالو، سست، ڍلو.

unexecuted (ان ايڪسيڪيوٽڊ) **adj.** not executed; not brought into action. بي تعميل، اڻ تيار، غير تيار، غير عمل، بي ڪار، تعميل يا عمل نہ ڪيل.

unexhausted (ان ايگزاسٽيڊ) **adj.** not used up, expended or brought to an end; not emptied. بچتو، رهت، بچت.

unexpected (ان ايڪسپيڪٽيڊ) **adj.** not expected; surprising.. جنهن جي اميد نه هجي، اڻ چتائو، اتفاقاً، اڻ سَرت، چِت، اوچتو، حيران ڪندڙ.

unexperient (ان ايڪسپيرينٽ) **adj.** inexperienced. غير تجربيڪار، اڻ سکيل، بي تجربي، ناتجربيڪار.

unexpired (ان ايڪسپايرڊ) **adj.** that has not yet expired. جو ختم نه ٿيو هجي، اڻ ختم ٿيل، چالو، هلندڙ، تازو.

unexplainable (ان ايڪس پلينبل) **adj.** inexplicable. سمجهائڻ کان ٻاهر، ڳوڙهو، اڪث، بلا تعبير.

unexplained (ان ايڪس پلينڊ) **adj.** not explained. اڻ سمجهايل، بنا تعبير، بنا معنيٰ جي، بنا تشريح، بنا تفسير.

unexploded (ان ايڪس پلوڊيڊ) **adj.** not exploded; (a bomb) that has not exploded. غير اڻ ڦاٽل، (بم) اڻ ڦاٽل، استعمال، نئون، سچو.

unexploited (ان ايڪس پلاڪٽيڊ) **adj.** not exploited. (وسيلا) غير استعمال ٿيل، استعمال ۾ نه آندل.

unexplored (ان ايڪس پلورڊ) **adj.** not explored,.. اڻ ڇاڻل، نا معلوم، اڻ ڏٺل، اڻ واٽل، جنهنجي ڳولا يا کوجنا نه ڪئي وئي هجي.

unexposed (ان ايڪسپوزڊ) **adj.** not exposed. استعمال ۾ نه آيل، اڻ کوليل، ڍڪيل، لڪل، بند.

unexpressed (ان ايڪس پريسڊ) **adj.** not expressed or made known. نه چيل، اڻ ٻڌايل، نامعلوم، جنهنکي ظاهر نه ڪيو ويو هجي (زباني طور، اشارن يا ٻين طريقن سان).

unexpressive (ان ايڪس پريسو) **adj.** not expressive; inexpressible, beyond the power of description. نه ٻڌائيندڙ، نه چوندڙ، نه سمجهائيندڙ، سمجهائڻ کان ٻاهر، جيڪو اظهار ڪرڻ جي صلاحيت کان عاري هجي.

unexpugnable (ان ايڪس پگنبل) **adj.** inexpugnable. تيغي، ٻر نه ڪرڻ جهڙو، حملو نه ڪرڻ جهڙو، ڏکيو، مضبوط، اڻ ڪهڙ، سخت، ڪَٽَڻ.

unexpurgated (ان ايڪس پرگيٽيڊ) **adj.** (esp of a text) not expurgated; complete. مڪمل، اڻ ڪهتايل، اصل.

unextint (ان ايڪسٽنڪٽ) **adj.** not extinguished or dead. موجود، حاضر، زنده، ٻرندڙ، روشن.

uneyed (ان ئڊ) **adj.** unseen, unobserved. نظر نه ايندڙ، ڳُر شر، اکين اوجهل.

unfabled (ان فيبلڊ) **adj.** not fabled, real. اصل، حقيقي، قدرتي، موجود، غير مترادو.

unfaceable (ان فيسبل) **ad.** that cannot be faced or confronted. منهن نه ڏيڻ جهڙو، مشڪل، ڏکيو، جنهن سان مهاڏو نه اٽڪائي سگهجي.

unfact (ان فئڪٽ) **n.** a fact that must not be acknowledged or a falsehood that must pass as fact, esp in international politics. ڳجهڙيل ڳالهه کي اصل ڪري پيش ڪرڻ، ڪوڙ کي سچ چوڻ، افسانو، ڪهاڻي، ڪهاوت، اها حقيقت جنهن کان انڪار ڪيو وڃي يا اهڙو ڪوڙ جنهنکي سچ چيو وڃي يا سمجهيو وڃي.

unfading (ان فيڊنگ) **adj.** that never fades.. پڪو، نه ڦٽندڙ، اڻ ڦيڪو، سدائين سرسبز، هميشه تازو، سدابهار.

unfailing (ان فيلنگ) **adj.** never failing or giving up; infallible; constant; inexhaustible. اڻ کُس، پڪو، ڪاڏمن، دغا نه ڏيندڙ، معتبر، اڪث، اڳس، هميشه سچو، ختم نه ٿيندڙ، متواتر، لاڳيتو، قائم، سچو، ثابت قدم، اچل، قائم مزاج، اڻ کٽ، سدا پربور.

unfair (ان فيئر) **adj.** not fair, ugly; inequitable, unjust; involving deception or fraud and leading to undue advantage over business rivals. نا مناسب، غير واجب، اڻ واجب، انصاف جي خلاف، ڪوڙو، بي انصافيءَ جهڙو، ناحق جو، بيجا ۽ ريا ڪاريءَ جو، نا مُنصفانو، بي ايمانيءَ جو، ٺڳيءَ وارو، ڪپٽيو.

unfair means (ان فيئر مينس) **n.** use of methods which cannot be justified morally or legally. غير مناسب ذريعا، غير قانوني طريقا، غير اخلاقي حربا.

unfaith (ان فيٿ) **n.** lack of faith or trust. بي اعتباري، غير اعتبار، ناقابل ويساهه، ناقابل اعتبار، بي اعتمادي.

unfaithful (ان فيٿ فل) **adj.** not of the approved religion; not faithful, violating trust; breaking faith with one's husband, wife or lover, usu by having sexual intercourse with someone else; not true to the original. بيوفا، بي ايمان، نمڪ حرام، ڪوڙو، ٻين سان (جنسي) لاڳاپا رکندڙ، ايمان کان ڦريل، منافق، اعتبار ٽوڙيندڙ، اصل سان نه ملندڙ، سچو نه رهندڙ.

unfallible (ان فيلبل) **adj.** infallible. اڻ چوڪ، اَٽل، بلڪل، معتبر، هڪ لڪ، اکين، مجرب (دوا)، ڪامياب (علاج)، ايرانت.

unfaltering (ان فالٽرنگ) **adj.** not faltering; steady, resolute.. پڪو، پڪي، مضبوط، محڪم، آچل، ڏاڍو، لڪيل، اٽل، ڪاهوڙو، اسٿر، هڪ متيو، هڪ ڳالهيو، ڍيرَ.

unfamiliar (ان فئميلئر) **adj.** not familiar. غير معمولي، غير موافق، اڻ هريل، نئون، اڻ واقف، غير چالو، غير سڃاپرو، اڻ سڃاڻ.

unfancied (ان فينسيڊ) **adj.** (of a team or race horse) not considered likely to win. (گهوڙو يا رانديگر) جن جي کٽڻ جي پڪ نه هجي، غير اعتباري.

unfashionable (ان فيشنبل) **adj.** not fashionable; shapeless; incapable of being fashioned. جيڪو رواج جي مطابق نه هجي، عام رواج يا رسم جي خلاف، عجيب غريب، بي شڪل، اڏنگو، بي ڍنگو، بي ڊولو، ڪوجهو، ڪڏولو.

unfashioned (ان فيشنڊ) **adj.** not formed; not shaped; not made polished, elegant. بد اڻ لهيل، نا مڪمل، اڏورو.

شڪل، بي رنگو، غير مڪمل، بنا پالش يا چمڪ جي، غير معتبر، اڻ ٺاهوڪو، الوٺندڙ.

unfasten (ان فاسن) **vt. vi.** to release from a fastening; to unfix; to become loose or open. ڍلو ڪرڻ، کولڻ، ڇوڙڻ، ڪلڻ، ڍرو ٿيڻ، کلي پوڻ، ڍرو ٿي وڃڻ.

unfastened (ان فاسنڊ) **adj.** released from fastening; not fastened. کليل، ڇوڙيل، ڍلو ڪيل، اڻ ٻڌل آزاد.

unfathered (ان فادرڊ) **adj.** without a father or acknowledged father; deprived of a father; of unknown source, origin, etc. بي پيءُ، بنا پيءُ جي نالي جي، پيءُ کانسواءِ، يتيم، بي ٻڻ، بي بنياد، حرامي ٻار.

unfatherly (ان فادرلي) **adj.** unbefitting a father. پيءُ وارين خوبين کان والجهيل، پيءُ واري هلت نه هلندڙ.

unfathomable (ان فيد مبَل) **adj.** not able to be fathomed; unascertained depth; not fully explored or known. عميق، اجهاڳ، اٿاهه، اتانگ، اگر، اوڙاهه، تمام اونهو.

unfathomed (ان فيڏ مڊ) **adj.** not sounded, of unknown depth; of unascertained meaning. عميق، بي حد اونهو، جنهن جو ترو معلوم ڪري نه سگهجي، جنهن جي معني معلوم نه هجي، بي معنيٰ.

unfavourable (ان فيوربل) **adj.** not favourable; adverse, hostile. ناموافق، ناموزون، نافائدي، پرتيڪول، نا مهربان، اڏو اٽالو، اڙڪو، مخالف، دشمن، وروڌي، برخلاف، نقصانڪار، ويرڀالو، دشمناڻو، دشمنيءَ جو.

unfavourite (ن فيورٽ) **adj.** not favourite; most disliked. اڻ وڻندڙ، غير پسنديده، نه وڻندڙ، بي سرو، بي ڍنگو، ڪنو، وروڌي.

unfazed (ان فيزڊ) **adj.** untroubled; not disconcerted. نه ستايل، ٺيڪ صورت ۾، بنا تڪليف جي، ٺيڪ حالت ۾، اصل حالت ۾.

unfeared (ان فيئرڊ) **adj.** not feared; unafraid. نه ڊڄندڙ، نه ڊيڄاريندڙ، خوف نه آڻيندڙ، بي ڊپو، بي خوفو.

unfearful (ان فيئر فل) **adj.** not afraid. بي خوفو، بي ڊپو، نه ڊڄندڙ.

unfeasible (ان فيزبل) **adj.** not feasible; impractical. ناقابل عمل، غير مناسب، ناقابل استعمال، نه ٿيڻ جهڙو، اوکو، ناممڪن.

unfeatured (ان فيچرڊ) **adj.** without marked or well-formed features. بنا ڪنهن خاص شڪل صورت جي، بي ڊولو، گول مول، بدصورت.

unfed (ان فيڊ) **adj.** not fed. نه چاريل، چارو نه ڏنل، بکايل.

unfeed (ان فيڊ) **adj.** not retained by a fee; unpaid. بگهار، نه ڏنل، خرچ پکو نه مهيا ڪيل، بيگار وٺڻ، مفت ۾ وهائڻ.

unfeeling (ان فيلنگ) **adj.** without physical sensation; without kind or sympathetic feelings; hard-hearted. بي حس، بي درد، ڪٺور، بي رحم، آپاجهو، سخت دل، پٿر دل.

unfeigned (ان فينڊ) **adj.** not feigned, real; not feigning, sincere. سچو، بي ريا، بنا ڪوڙ، اصل، صاف صاف.

unfellowed (ان فيلوڊ) **adj.** unmatched. لاجواب، لاثاني، اڻ مٽ، بي نظير.

unfelt (ان فيلٽ) **adj.** not felt; intangible. نه محسوس ٿيندڙ، غير محسوس، ناقابل فهم، نه ڇهڻ جهڙو.

unfeminine (ان فيمنين) **adj.** not in accordance with, or appropriate to, female character. غير نسواني، عورت جي فطرت جي برخلاف.

unfenced (ان فينسڊ) **adj.** not provided with fences; unprotected. بنا لوڙهي، بنا جهنگلي، غير حفاظتي، بنا حفاظت جي.

unfermented (ان فرمينٽيڊ) **adj.** not fermented. غير خميري، بي جوش، اڻ مچل، جوش ۾ نه آيل، ساڻتيڪو.

unfetter (ان فيٽر) **vt.** to free from fetters. هٿ ڪڙيون لاهڻ، آزاد ڪرڻ، بند هٽائڻ.

unfettered (ان فيٽرڊ) **adj.** unrestrained. آزاد، بنا روڪ ٽوڪ، چيڪ، ڇڙواڳ.

unfeudal (ان فيوڊل) **adj.** not marked by social attitudes and assumptions like those under the feudal system. غير ذميواري، غير جاگيرداري، بنا وڏ ماڻهپائيءَ جي، بنا ڪروفر جي، بنا نٽ ٺاٺگر جي، سادگيءَ وارو.

unfeudalize (-ise) (ان فيوڊلائز) **vt.** to defeudalize. غير جاگيرداري بنائڻ، زمين داري ويڃائڻ، جاگيرداري ختم ڪرڻ.

unfiled (ان فائلڊ) **adj.** not rubbed with a file; unpolished; undefined; not placed on a file. اڻ گسل، اڻ گسايل، بغير پالش جي، فائيل ۾ نه پيل، ڪاغذ (رليل نه وڌيل)

unfilial (ان فلايل) **adj.** not befitting a son or a daughter. نا خلف جهڙي (هلت)، ڪپُٽ، نافرزنداڻو.

unfilled (ان فلڊ) **adj.** not filled. اڻ ڀريل، خالي.

unfilleted (ان فلٽيڊ) **adj.** not bound with a fillet; not boned. اڻ ٻڌل، کليل، بنا هڏن جي.

unfilterable or **unfiltrable** (ان فلٽربَل) **adj.** unable to pass through a filter (or an ordinary filter). نه ڇاڻڻ جهڙو، اڻ ڇڻندڙ، ڳوڙهو.

unfiltered (ان فلٽرڊ) **adj.** not filtered; (of a cigarette) not provided with a filter. اڻ ڇاڻيل، (سگريٽ) بنا ڇاڻي جي، غير صاف، غير شفاف، ڪثيف.

unfine (ان فائن) **adj.** not fine. هلڪو، سادو، کهاٽو، ٿلهو، بنا سونهن جي، بي سوڀيا، ڪدلو.

unfinished (ان فنشڊ) **adj.** not finished; incomplete. نامڪمل، اڻ پورو، اڌوگابرو، (تصوير کي) پڇاڙيءَ جو هٿ نه لڳل، اڌورو، غير مڪمل.

unfinishing (ان فنشنگ) **n.** the leaving unfinished.اڌ ۾ ڇڏڻ، نامڪمل رکڻ، اڌو ڳابرو ڪرڻ.

unfit (ان فٽ) **adj, n, vt.** not fit; not fitting or suitable; not in fit condition; not meeting required standards; an unfit person; to make unfit; to render or cause to be unsuitable; to disqualify..نالائق، اڻ لائق، (خدمت لاءِ) نااهل، نالائق ڪري ڇڏڻ، آپهتو، ناقابل ڪار، اجوڳ، اڻ ٺهڪندو، ناموافق، بيڪار، بي سود، غير معياري، معيار مطابق نہ هجڻ، غير مناسب، غير مناسب بنائڻ، حق کسڻ، نالائق سمجهڻ، نالائق ٺهرائڻ، (خدمت لاءِ) ناقابل بنائڻ.

unfitly (ان فٽلي) **adv.** unsuitably, inappropriately.غير مناسب، اڻ لائق، بي جوڙ، نا مناسب.

unfitted (ان فٽيڊ) **adj.** not provided without; without fittings; not made to fit, or tested for fit; not adapted, qualified, or having the ability,.اڻ مهيا ڪيل، سهوليتن کان وانجهيل، غير آزمايل، غير مناسب، ناقابل ڪار.

unfitting (ان فٽنگ) **adj.** unsuitable; unbecoming, indecorous.اڻ سهائيندڙ، نامناسب، اڻ جڙندڙ، نا شايان شان، بي هودو، ناشائستو.

unfix (ان فڪس) **vt. vi.** to unfasten, detach; to unsettle; to become loose.کولڻ، جدا ڪرڻ، الڳ ڪرڻ، هيٺ مٿي ڪرڻ، ڍرو ٿيڻ، کلي وڃڻ.

unflagging (ان فليگنگ) **adj.** tireless, persistent..اڻ ٿڪ، اَمرُ، پڪو، جبرو، همٿ وارو، ضدي، هوڏي، ثابت قدم، آورچ.

unflappable (ان فليپبل) **adj.** imperturbable, never agitated or alarmed..اڏ لائيمان، اَچل، اڏول، نسچل، نہ ڏچندڙ، احتجاج نہ ڪندڙ، بي خطر، اورچ.

unflattering (ان فليٽرنگ) **adj.** not flattering.خوشامد کي نہ پسند ڪندڙ، غير چاپلوس، خوشامد نہ ڪندڙ.

unflavoured (ان فليورڊ) **adj.** not flavoured.بنا خوشبوءِ جي، بنا سواد جي، بي سوادي.

unfledged (ان فليجڊ) **adj.** not yet fledged; undeveloped or inexperienced; of early youth.ڪچو، نار سيدو، بي ڪنيو، ٻچو، ڪوريَرُ.

unflesh (ان فليش) **vt.** to remove the flesh from.گوشت لاهڻ، (هڏن تان) ماس لاهڻ.

unfleshed (ان فليشڊ) **adj.** deprived of flesh, reduced to a skeleton; not fleshed, not having tasted blood, uninitiated.گوشت لاٿل، بي ماس، هڏون پڃرو، بي گوشت، رت نہ چکيل، شروع نہ ڪيل، داخل نہ ڪيل.

unfleshly (ان فيشلي) **adj.** spiritual; incorporeal; not carnal. روحاني، گوشت پوست وارو نہ، بي جسم.

unflinching (ان فليچنگ) **adj.** not flinching..جبرو، امرُ، پڪو، ڪاهوڙ، مَدرُ، مَترُ، پختو، اڻ ڊر.

unflush (ان فلش) **vt.** to lose a flush of colour..رنگ مٽائڻ، رنگ هلڪو ٿيڻ، ڦٽڻ، منهن پ۲لو ٿيڻ، منهن جو پنو لهڻ، ڏچي وڃڻ، ورن ورڻ ٿيڻ.

unfocused (ان فوڪسڊ) **adj.** not focused; out of focus. مرڪز دور، ڏنڌلو، اڻ چٽو، صحيح نظر نہ ايندڙ.

unfold[1] (ان فولڊ) **vt.** to open the folds of; to spread out; to tell; to disclose, make known; to reveal, display; to open out, spread open to the view..کولڻ، اکيلڻ، چوڙڻ، پڌرو ڪرڻ، بيان ڪرڻ، ظاهر ڪرڻ، وچائڻ، تهہ کولڻ، نظرن سامهون کولي رکڻ، نماءُ ڪرڻ، پڌائڻ، اعلان ڪرڻ، ورناهڻ، ورسڏا ڪرڻ.

unfold[2] (ان فولڊ) **vt.** to let out from a sheep-fold.(واڙي مان) ڪڍڻ، وٿاڻ مان ٻاهر آڻڻ، آزاد ڪرڻ، ڇوڙڻ.

unfolded (ان فولڊيڊ) **adj.** not folded; opened out from a folded state; not enclosed in a sheep-fold.اڻ کليل، ويڙهيل، پڌرو، کوليل، اکيليل، ظاهر ڪيل، (واڙي ۾) بند نہ ڪيل، ٻاهر ڪڍيل.

unfolding (ان فولڊنگ) **n, adj.** opening out from folds; disclosing; letting out from a sheep-fold; showing the time of unfolding sheep..کولڻ، ظاهر ڪرڻ، تهہ لاهڻ، بيان ڪرڻ، راز فاش ڪرڻ، مال واڙي مان ڪڍڻ، مال کولڻ جو وقت.

unfool (ان فول) **vt.** to undo the fooling of; to undeceive..بيوقوف نہ بنائڻ، نہ ٺڳڻ، حقيقت ظاهر ڪرڻ، حقيقت ڏيڻ.

unfooted (ان فوٽيڊ) **adj.** untrodden اڻ لتاڙيل، اڻ پيرو.

unforced (ان فورسڊ) **adj.** not produced by effort; easy, natural, not compelled or constrained..آسان، سولو، قدرتي، بي زور، غير تڪليف آور.

unforcible (ان فورسيبل) **adj.** incapable of being forced or enforced; without strength.عمل ۾ نہ آڻڻ جهڙو، نہ لاڳو ڪرڻ جهڙو، بي طاقت، بي زور، نہ مڙهڻ جهڙو.

unforeboding (ان فوربوڊنگ) **adj.** not giving or feeling foreboding. غير ياسي، سنئو سوڻ.

unforeseeable (ان فوسيبل) **adj.** not foreseeable.نظر نہ ايندڙ،اندازو نہ لڳائڻ لائق، غير امڪاني، اندازي کان ٻاهر، لڪل، مخفي، اوجهل.

unforeseen (ان فورسين) **adj.** not foreseen..اوچتو، اڻ ڏٺو، ناپيش ديده، اڻ ريٽو، انديشده، غير متوقع.

unforeskinned (ان فوراسڪنڊ) **adj.** circumcised..طهر ٿيل، سنت ٿيل.

unforested (ان فاريسٽيڊ) **adj.** not wooded; not reckoned as deer-forest; deforested.بي جهنگل، بنا وڻ راهہ جي، جانورن جي نہ رهڻ جهڙي جڳهہ، هرڻ جي نہ رهڻ جهڙو ٻيلو.

unforetold (ان فورٽولڊ) **adj.** not foretold; unpredicted. اڳوات نہ ٻڌايل، اوچتو، اڻ ڏٺو، اڻ رٿيو،اڳڪٿي نہ ڪيل، اکهر نہ ڪيل.

unforgettable (ان فرگيٽبل) **adj.** that cannot be forgot-

ten; memorable, wonderful.نہ وسارڻ جوڳو. ياد ڪاري. واهہ جو. آپرو. عجب جهڙو. عجيب. حيرت انگيز.

unforgivable (ان فرگويل) **adj.** that cannot be forgiven. معاف نہ ڪرڻ جهڙو. نہ وسارڻ جوڳو.

unforgiven (ان فارگون) **adj.** not forgiven. معاف نہ ڪيل. ڏوهاري. ذميدار. جوابدار.

unforgiving (ان فارگونگ) **adj.** not forgiving.معافي نہ ڏيندڙ. پچر نہ ڇڏيندڙ. نا خطا بخش. نہ معاف ڪرڻ وارو. بي ترس.

unforgotten (ان فرگاٽن) **adj.** not forgotten..نہ وساريل. ياد. دل تي.

unform (انر فارم) **vt.** to unmake.بي ڊول ڪرڻ. بد شڪل ڪرڻ. اڻ مڪمل. گول مول ڪرڻ. ڦٽائي ڇڏڻ. ٻاهي ڇڏڻ. ڪٽي تي پاڻي ڦيرڻ.

unformal (ان فارمل) **adj.** informal.غير معقول. غير دستور. نا.غير معمول. بي تڪلف. معمول مطابق ڪيل. عام رواجي ڪيل.

unformalized (ان فارملائزڊ) **adj.** not made formal.غير دستوري. غير معمولي.

unformed (ان فارمڊ) **adj.** unmade, uncreated; formless, unshaped; immature, undeveloped.بي بيڊول. ڊولائي. بد شڪلي. بد شڪل. اڻ مڪمل. گول مول. نا بالغ. غير مڪمل صورت. بي شڪل. ڪچو.

unformulated (ان فارميوليٽيڊ) **adj.** not formulatedاڻ ناهيل. نا مڪمل. بي ترتيب. بي جوڙ.

unforthcoming (ان فورٿ ڪمنگ) **adj.** not forthcomingنہ ايندڙ. الڪاري. حاضر نہ ٿيندڙ. نہ پڌائيندڙ. نہ ملندڙ. اڪثي نہ وڌندڙ. اڻ ٺيٺي.

unfortified (ان فارٽيفائيڊ) **adj.** not fortifiedاڻ گهيريل. بنا قلعي جي. بنا چوديواريءَ جي. زور نہ وٺايل. مضبوط نہ ڪيل.

unfortunate (ان فارچونٽ) **adj. n.** unlucky; regrettable; of ill omen; (esp formerly) living by prostitution; an unfortunate person..ڀاڳو. بد نصيب. ويچارو. ڪرم هيڻ. بد بخت. اڀاڳو. ڏڏورو. نامراد. افسوس وارو. بدسولو. (ماضيءَ ۾) ڪسب جيڪمائيءَ تي گذارو ڪندڙ.

unfortunately (ان فارچونيٽلي) **adv.** in an unlucky way; by bad luck; I'm sorry to say..ڪم نصيباً. بد نصيبيءَ وارو. نياڳ جو. افسوس وارو. يا ڏک مان چوڻو ٿو پوي.

unfound (ان فائونڊ) **adj.** not found..اڻ لڌل. بي بنياد. ڪوڙو.

unfounded (ان فائونڊيڊ) **adj.** not founded; without foundation, baseless; without bottom, bottomless. بي بنياد. ڪوڙو. لرمول. اٿاهہ. بي تر. بي پير.

unframed (ان فريمڊ) **adj.** not formed or fashioned; not set in a frame.اڻ ٺهيل. بنا فيشن جي. فريم ۾ نہ پيل. بنا فريم جي.

unfraught (ان فراٽ) **adj.** not fraught or charged; to unload or discharge..خالي. بنا مال جي. مال لاهڻ. خالي ڪرڻ.

unfree (ان فري) **adj.** not free; in servitude; not having the freedom of a corporation..غير آزاد. نظر هيٺ. بند. بندش پيل. روڪيل. (ڪارپوريشن جيتري) آزادي نہ هئڻ.

unfreeman (ان فري مين) **n.** one who does not have the freedom of a corporation.غلام. جڪڙيل. روڪيل. قرضي. قرض لڳل. پابندي مڙهيل. . ٻانڌي. بي اختيار. مجبور. جڪڙيل.

unfreeze (ان فريز) **vt. vi.** to thaw; to allow to progress, move, after a temporary restriction or stoppage; to free (prices, wages, lands) from the control imposed by a government etc..وڌائڻ. ملائڻ. چورڻ پورڻ. رنڊڪ لاهڻ. بندش ختم ڪرڻ. بندش هٽائڻ. ترقيءَ جو موقعو ڏيڻ. (اگهن. مزدوري. اجوري يا زرعي زمين تي پيل) بندش لاهڻ. جميل شيءِ کي واپس اصل حالت ۾ آڻڻ. رجائڻ.رڌلن کي پرچائڻ.

unfrequented (ان فريڪئينٽيڊ) **adj.** not frequented..اوجهڙ. سڃو. (رستو) آمدرفت جو نہ. ڦٽل. لرمنش.

unfretted (ان فريٽيڊ) **adj.** not eaten away or rubbed; not annoyed or worried. نہ کاڌل. نہ گٺل. بي فکر. وانجهو. خوش باش. پريشاني کان سواءِ.. الهڙين. البيلائي.

unfriend (انفريند) **n.** a person who is not a friend.غير دوست. غير واسطيدار. لاتعلق. غير وقاف. ڏاريو. بد خواهہ. پلو نہ چاهيندڙ.

unfriended (ان فرينڊيڊ) **adj.** not provided with or supported by friends..بي يار دوست. ويچارو. بي رفيق. بيڪس. اڙٻنگائي. بي فڪرائي. بي يار مددگار.

unfriendly (ان فرينڊلي) **adj.** ill-disposed; somewhat hostile.اڻ نا مهربان. مخالف. دشمن. مخالفت ڪندڙ. اپرپ. اڻ سينڌو. بي نيهو. ناساز. آبريتو. اڻ پريتو.

unfriendship (ان فرينڊ شپ) **adj.** unfriendliness..مخالفت. دشمني. ناسازي. پريت جي گهٽتائي. ناهہ جي ڪمي. غير دوستي.

unfrighted (ان فرائيٽيڊ) **adj.** not frightened.بي ڊپو. نہ ڊڄندڙ. نڊر. همت پريو. بي خوف.

unfrock (ان فراڪ) **vt.** to strip of a frock or gown; to depose from priest hood; to remove from a comparable position in another sphere of activity.جبو لاهڻ. مذهبي عهدو ڇڏڻ. خلعت لاهڻ. جاگير ڇڏڻ. (ذلل) ڪم مان والدو ڪرڻ. ذميواري ختم ڪرڻ. عهدي تان هٽائڻ.

unfruitful (ان فروٽ فل) **adj.** not producing good results, unprofitable; not producing fruit or crops.بي فائدو. بي سود. بي ڦرو. اجايو. سڱل. بناڦر. ان ڦلاڪتو. غير ميويدار.

unfulfilled (ان فلفلڊ) **adj.** not fulfilled.اڻ پورو. اڻ نباهيل. پڇايل. نہ پاڙڻ. انجام تان ڦرڻ. ذميواريءَ کان پڇڻ.

unfumed (ان فيومڊ) **adj.** not fumigated; undistilled. اسيري نه ڪيل. دوا نه ڇنيل. اڻ صاف ٿيل. اڻ ڇاڻيل. واسڻ ڏنل. ڌوپ نه ڏنل.

unfunded (اَنفنڊيڊ) **adj.** (of a public debt) not funded, floating, in the form of exchequer bills and bonds, to be paid up at certain dates. (سرڪاري قرض) بنا رقمن جي. نه ڪنيل. ڏي وٺ لاءِ آزاد قرض جو نظام. بانڊن جو نظام. قرض ڪٺي سيڙپ ڪاري ڪرڻ. بانڊ وڪڻي سيڙپ لاءِ رقم حاصل ڪرڻ. ڪنهن اڳتيجي تاريخ تي وياج يا نفعي سوڌو بانڊ واپس وٺي رقم ماناڻي ڏيڻ.

unfunny (ان فني) **adj.** not amusing (although mean to be). نه کلائيندڙ. نه خوش ڪندڙ. بي مزي.

unfurl (ان فرل) **vt. vi.** to release from being rolled up; to unfold or display; to spread open.. (جهنڊو) کولڻ. ڇوڙڻ. اکيلڻ. (سڙهه) کولڻ. وڇائڻ. کولي رکڻ. علم يا جهنڊو بلند ڪرڻ.

unfurnish (ان فرنش) **vt.** to deprive of men, defences, furniture; to deprive. عملو گهٽائڻ. سازسامان گهٽائڻ. بچاءَ گهٽائڻ. ڪمزور ڪرڻ. سهوليتون واپس وٺڻ.

unfurnished (ان فرنيشڊ) **adj.** not furnished; unsupplied. بنا سامان سڙي. خالي.بنا سهوليت جي. بنا گذر سفر جي.

unfussy (ان فسي) **adj.** not fussy.. اجايو گوڙ نه ڪندڙ. ماٺيڻو. سدورو. هنبس نه مچائيندڙ.

ungain (ان گين) **adj.** indirect; inconvenient; unpleasant; ungainly, awkward; unskilled.. اڻ سڌو. مشڪل. ڏکيو. بي مزي. بي سوادي. بي ڍولو. بگڙيل.

ungainly (ان گينلي) **adj.** awkward, clumsy, uncouth; awkwardly. بگڙيل. بد صورتو. بي ڍولو. ڪوَلُ. بد نما. آڏنگو.

ungallant (ان گيلنٽ) **adj.** not gallant.. بزدل. ڪمزور. ڊڄڻو. بي همٿيو.

ungalled (ان گيلڊ) **adj.** not made painful by rubbing; not irritated or inflamed. گسڻ تي سور نه ڪندڙ. سور کان سواءِ. بنا سوڄ. بنا سوزش. چڙ پر نه ايندڙ. شعلو نه ڪندڙ. ڌيمو برندڙ.

ungazed (ان گيزڊ) **adj.** not gazed. بنا تڪڻ جي. اڻ تڪيو. بنا نشاني.

ungeared (ن گيئرڊ) **adj.** (of a business) having its capital in the form of ordinary shares rather than loans requiring fixed interest. (واپار) جنهن جي موڙي حصن جي صورت پر هجي. بنان قرض موڙي. اهڙو ڪاروبار جنهن لاءِ موڙي حصي داريءَ ذريعي حاصل ڪئي وڃي ۽ نه ڪه قرض ذريعي.

ungenerous (ان جينرس) **adj.** not generous; mean.. تنگدل. نا مهربان. شرم انگيز. تنگ چشم. بي فيض. شوم. ڪميڻو. ڪمذات. نيچ. خسيس. گهٽ. اوڇو.

ungenial (ان جينيل) **adj.** not sympathetically cheerful; not comfortably warm, raw; not congenial; not favourable to natural growth. بنا جوش جذبي جي. سخت مزاج. قدرتي واڌ جي خلاف. غير همدرد. سادو سودو. رکو. اڻ وڻندڙ. خشڪ. قدرتي واڌ ويجهه لاءِ ناموزون. ناسازگار. پاڻ نه پوندڙ.

ungenitured (ان جيني ٽيوئرڊ) **adj.** without means of generation, or not produced by ordinary generation. بنا پيدائشي طاقت جي. غير پيدائشي. عام پيدائشي طريقي مطابق نه اسريل.

ungentle (ان جينٽل) **adj.** not gentle; not of gentle birth; not of or befitting the gentle.. غير مهذب. بي مانو. بي شائو. گهٽ ذات. بد طبيعت. خشڪي. بدذات. ڪمذات. بلهوير. ڪميڻو.

ungentlemanlike (ان جينٽل مين لائيڪ) **adj.** not like or befitting a gentleman. غير مهذب طريقي. بي وڙي ريت. بي شاناڻي روش. بد تهذيبي. ڪميڻائپ.

ungentlemanly (ان جينٽل مينلي) **adj.** unbecoming a gentleman; not gentleman like.. ڪميڻو. هلڪو. ڪلڇڻو. شان وٽان نه. ڪڏو. غير شريفاڻو. بي ساڃاهه.

ungermane (ان جرمين) **adj.** irrelevant.. بي نسبت. بي تعلق. غير واسطيدار. بنا لاڳاپي.

unget (ان گيٽ) **vt.** to deny the begetting of; to disown. پنهنجو نه ڪرڻ. انڪار ڪرڻ. انڪاري ٿيڻ. پنهنجو نه سمجهڻ. بي اقرار ٿيڻ. لا دعوي ڪرڻ.

unget-at-able (ان گيٽ ائٽ ئبل) **adj.** inaccessible. نه پهچڻ جهڙو. ڏور. پري. مُشڪل. لاحاصل. جنهن کي رسي نه سگهجي. بي پهچ. پهچ کان ٻاهر.

unghostly (ن گهوسٽلي) **adj.** not pertaining to or like a ghost; not spiritual. غير طلسمي. غير روحاني. مادي. زماني جو.

ungifted (ان گفٽيڊ) **adj.** not gifted or talented. بنا ڪنهن خاص خوبيءَ جي. بنا ڏانءَ جي. غير عطائي.

ungird (ان گرڊ) **vt.** to free from a girdle or band; to undo the fastening of and take off.. پٽيون يا بند کولڻ. رسا ڪڍڻ. (تنگ) ڇوڙڻ. ڪمر پٽو کولڻ.

ungirt or ungirded (ان گرٽ يا گرڊيڊ) **adj.** not girt; freed from a girdle; not tightened up, not strengthened for action.. کليل. آزاد. ڍرو ڪيل.آرام واري حالت ۾. ڪم لاءِ نه تيار ڪيل. استعمال جوڳو نه بنايل.

ungirth (ان گرٿ) **vt.** to remove a girth from; to free from a girth. تنگ کولڻ. ڪشا ڪڍڻ. گيل لاهڻ.

unglue (ان گليو) **vt.** to loosen or detach (something glued). (چنبڙايل شيءِ) جدا ڪرڻ. الڳ ڪرڻ. اکوڙڻ. پٽي الڳ ڪرڻ.

unglued (ان گليوڊ) **adj.** no longer held or fixed together by glue. جدا ڪيل. چنبڙيل شيءِ الڳ ڪيل. کوليل. اکوڙيل.

ungod (ان گاڊ) **vt.** to divest of divinity; to make godless. دين کان وانجهو ڪرڻ. بي دين ڪرڻ. لا مذهب ڪرڻ. منڪر ڪرڻ.

ungodlily (ان گاڊلي) **adv.** in an ungodly manner. بي ديني طريقي سان. غير مذهبي. لاديني طريقي تي.

ungodly (ان گاڊلي) **adj.** not godly; outrageous, unconscionable. اڌ رمي. بي دين. بد ڪار. نا خدا شناس. شرير. بي ضمير. خوف خدا کان وانجهيل.

ungorged (ان گارجڊ) **adj.** not gorged or sated. نہ ڪاڙل. نہ ڳڙڪايل. اڻ پريل. بکيو. اڻ ڍاول. اڻ رڄ. بکارو. لنگهڻو.

ungot or **ungotten** (ان گاٽ. ان گاٽن) **adj.** not got or acquired; unbegotten. غير موجود. اڻ مهيا. نہ مليل. لاحاصل.

ungovernable (ان گورنبل) **adj.** uncontrollable; unruly. اجهل. مست. منهن زور. جڙ. سرڪش. بي لغام. نافرمان. باغي.

ungown (ان گائون) **vt.** to deprive or divest of a gown; to unfrock. (پادريءَ جي) عهدي تان برطرف ڪرڻ. وڪيل کان سند کسڻ.

ungowned (ان گائونڊ) **adj.** not wearing a gown; deprived of one's gown. خلعت يا جبو نہ پاتيندڙ. عهدي کان برطرف ڪيل.

ungraceful (ان گريس فل) **adj.** not graceful. بد نما. بي ڍنگو. اڍنگو. بي ڊولو. بي زيبو. بي شانائتو.

ungracious (ان گريشس) **adj.** without grace; graceless; ungrateful; lacking in courtesy, affability or urbanity; behaving with a bad grace; unmannerly; making offensive or disagreeable.. نا مهربان. بي مُروت. بي لحاظ. وحشي. پٽيل. مردود. مڪروهہ. نا پسنديده. ڏکوئيندڙ.

ungraded (ان گريڊيڊ) **adj.** not classified in grades; not adjusted to easy gradients. اڻ ورهايل. بي ترتيب. اڻ ماپيل. بنا ڍنگ واري ورهاست جي. ماپ ڪانسواءِ. درجي بنديءَ کان وانجهيل. ترتيب نہ ڏنل.

ungrammatical (ان گرئميٽيڪل) **adj.** contrary to the rules of grammar. (گرامر جي) قاعدن جي برخلاف. صرف ونحو جي قاعدن جي ابتڙ. غلط. بي قاعدي.

ungraspable (ان گريسپبل) **adj.** that cannot be grasped or comprehended.. نہ سمجهہ ۾ ايندڙ. منجهيل. ڏکيو. مشڪل. سمجهہ کان ٻاهر.

ungrassed (ان گراسڊ) **adj.** not grown with grass, without grass growing.. بنا گاهہ جي. گاهہ بنا زمين. پوٺو. بنجر. غير آباد سڃي زمين. ويران.

ungrateful (ان گريٽ فل) **adj.** not feeling gratitude; disagreeable, irksome; not repaying one's labour; thankless. نا شڪر. بي ڳڻو. ڳڻ چور. ڪلال. ڪر تگهن. نا ولندڙ. الاسو. احسان فراموش. بي قدرو. ناموافق. قدر نا شناس.

ungrazed (ان گريزڊ) **adj.** not grazed; (of land) not grazed by livestock. (گاهہ) موجود. اڻچاريل. اڻ ڀيليل. مال کان بچايل.

unground (ان گراڻونڊ) **adj.** not ground.. ميدان کان ٻاهر. ميدان کان ٻاهر ڪڍڻ. خارج ڪرڻ. اڻ ڪٽل.بي سهارو هجڻ. بي بنياد هجڻ.

ungrounded (ان گراڻونڊيڊ) **adj.** not based; without basis, unreal or false; without sound fundamental instruction. باطل. بي بنياد. ڪوڙو. هٿرادو. نقلي. بنا خاص خوبيءَ جي. بي سهارو. بي بنياد. بي دليل. بنا دليل جي. غير مدلل.

ungrudging (ان گرجنگ) **adj.** not grudging.. دل وجان سان. بنا چون وچرا. بنا ڪرڪڻ ڪنجهڻ. بنا ڪهيءَ.

ungual (ان گوئل) **adj.** of, like or bearing a nail, hoof or claw.. سنبن وارو. چنبن وارو. نهن جو يا وارو. کردار. کرن وارو.

unguard (ان گارڊ) **vt.** to make or leave unguarded. بنا آسري. بي پهري. لا وارث. بي حفاظت. غير محفوظ.

unguarded (ن گارڊيڊ) **adj.** without guards; unprotected; unscreened; incautious; inadvertent.. آسارو. غافل. آچيت. بي خبرو. سوچ ويچار بنا. بي پهري. اتفاقي. جنهنجي حفاظت نہ ڪئي وئي هُجي.

unguent (ان گئينٽ) **n.** ointment. الڻ. ليپ. سٿپ. ملم. مرهم. دوا. روغن. طِلا. شماد.

unguentarium (ان گنٽرم) **n.** a vessel for holding unguents. سٿپ وغيرهہ رکڻ لاءِ ٿانءُ. مکڻ جي دکي.

unguentary (ان گنٽري) **adj, n.** of or for unguents; an unguentarium; a perfumer, a maker of or dealer in unguents. مَلم لاءِ روغني. روغن ٺاهيندڙ. عطر فروش. عطر ٺاهيندڙ. حڪيم. عطار. طبيب. ويج.

unguis (انگئس) **n.** a claw or nail; the claw of an insect's foot; the base of a petal. نهن. چنبو. جيت جي پنڄن پير جو چنبو. پنکڙيءَ جو شروعاتي هنڌ.

ungula (انگيولا) **n.** a section of a cylinder; cone, cut off by a plane oblique to the base. گول شيءِ جو حصو. مخروطي بيهڪ وارو. ايڪيري حالت ۾ ڪٽيل بيهڪ.

ungulate (انگيُو ليٽ) **adj.** hoofed; a hoofed animal, a member of the order, ungulata, hoofed digitigrade mammals, such as artiodactyls and perissodactyls. سنبدار. کر وارو. سنب شڪل. سنب دار جانور. گاهہ کائيندڙ کرن وارا جانور. کير پياريندڙ کرن وارا جانور.

unguled (انگيولڊ) **adj.** with claws or hoofs tictured specially. چنبن وارو. چنبن سان. خاص طور سنبن سان ڻاهيل.

unguligrade (انگيوليگريڊ) **adj.** walking on hoofs. سنب چال (گهوڙو). سنبن سان هلڻ وارو جانور.

unhabitable (ان هيبيٽبل) **adj.** unsuitable for habita-

tion, not suitable for living. نہ رهڻ لائق، رهڻ جهڙو نہ.
اجڙيل، ڦٽل، ويران.

unhabited (ان هيبيٽيڊ) **adj.** not habited, barren, devoid of population. بنجر، ويران، سڃو، اڻ وسيل، نہ آدم نہ آدم ذات، پوئو.

unhair (ان هيئر) **vt, vi.** to deprive of hair; to become free from hair. وار لاهڻ، ڏوڙهو ڪرڻ، ڏوڙهو بنائي ڇڏڻ، وار لهرائي گنجو ٿيڻ.

unhaired (ان هيئرڊ) **adj.** freed from hair. وار لٿل، گنجو، ڏوڙهو، بنا وارن جي.

unhallowed (ان هئلوڊ) **adj.** not consecrated; not sacred; unholy, wicked. ناپاڪ، غير مقدس، اڻ پوتر، غير مقدس، بي دين، اڌرمي، خبيث، بد، دشٽ، خراب، بڇڙو، مندو، شرير، پاپاٺو، زهري، حرڪتي، ڇڙو، زيانخور.

unhalsed (ان هيلسڊ) **adj.** unsaluted. سلام نہ ڪيل، عزت نہ ڏنل، نظر انداز ڪيل، نہ نهاريل، نہ ڪيڪاريل، ڌيان نہ ڏنل.

unhampered (ان هئمپرڊ) **adj.** not hampered. بنا روڪ ٽوڪ، اڻ رنڊيل، نہ رنڊيل، روڪيل نہ.

unhand (ان هئنڊ) **vt.** to take the hands off; to let go. هٿ ڪڍي وڃڻ، هٿ مان ڇڏي ڏيڻ، هٿان وڃائڻ، هٿان ڏيڻ، ڇڏي ڏيڻ، هٿ ڪڍي وڃڻ.

unhandily (ان هئنڊيلي) **adv.** awkwardly. اناڙائپ، ڇتپڻو، ڇتپائي، منجهائيندڙ، لڙيل پڪڙيل.

unhandled (ان هئنڊلڊ) **adj.** not handled or managed; not broken in. صحيح نہ سنڀاليل، نہ خيال ڪيل، نہ پڳل حالت، ثابت، مڪمل، نہ کوليل.

unhandsome (ان هئنڊ سم) **adj, adv.** not handsome; unseemly; ungenerous; ungracious; unskilful in action; clumsy, inconvenient. ڪنو، خراب، بدشڪل، خراب شڪل، ڪوجهو، اڻ سهائيندو، نامناسب، ڪنجوس، هٿ جو تنگ، بي مروت، نا مهاربان، پٽيل، مردود، مڪروهہ، اڻ سکيل، ڪيڏنگو، اڏنگو، بي ڏولو، بي هنر، جڏو، اناڙي، تڪليف وارو، بي آسائش، اهنجو.

unhandy (ن هئنڊي) **adj.** awkward, not skilful; in action; clumsy, inconvenient. ڪِروڪِر، بي ڍنگو، جڏو، بي هنر، عمل پذير، بي آسائش، تڪليف وارو، اهنجو، تڪليف ڏهہ، ٽڙ پڪڙ.

unhappily (ان هئپيلي) **adv.** in an unhappy manner; unfortunately, regrettably, I'm sorry to say; unsuccessfully; unfavourably; shrewdly; maliciously. بنا ڪم نصيبيءَ، ڏکن ڪي!، افسوس آهي تہ!، خوشيءَ کانسواءِ، خوشيءَ جي ناڪاميابي، نامناسب، ناموافق، هوشياريءَ سان، چالاڪيءَ سان، بدنيتيءَ سان، بد خواهيءَ سان.

unhappiness (ان هئپينيس) **n.** lack of happiness, uncomfort, dissatisfaction. نا خوشي، ڏک، بدبختي، بي آرامي، بي فرحتي، خوشيءَ جي غير موجودگي.

unhappy (ان هئپي) **adj, vt.** bringing misfortune; not fortunate; miserable; infelicitous, inapt; mischievous; to make unhappy or unfortunate. ڏکي، ناخوش، بي آرام، ارهو، آئرو، اڻاس، بد بخت، ڀاڳو، منحوس، پريشان، ڏجهارو، ڏکيو، خراب، خستو، شامت زدو، ڪم بخت، ناخوش ڪرڻ، تنگ ڪرڻ، خراب ڪرڻ.

unharbour (ان هاربر) **vt.** to dislodge from shelter. پناهہ مان ڪڍڻ، اجهو ڊاهڻ، پچائڻ، ڪڍي ڇڏڻ، دربدر ڪرڻ.

unharboured (ان هاربرڊ) **adj.** without a shelter; dislodged from shelter. بي گهر، لنڊلڪو، بنا پناهہ جي، بي اجهي، دربدر.

unharmed (ان هارمڊ) **adj.** not harmed. صحيح سالم، محفوظ، غير نقصان زدو، نقصان نہ رسايل، خطري کان والجهيل، بنا اوڻائيءَ جو، صحيح سلامت.

unharmful (ان هارم فل) **adj.** not harmful. نقصان نہ ڏيندڙ، بنا نقصان جي، غير نقصانڪار.

unharmonious (ان هرمونيس) **adj.** not harmonious. نہ ٺهڪندڙ، بي سرو، بي آهنگ، غير شيرين، نہ ولندڙ، سُر بر نہ، اڻ ٺهڪندڙ، سرتار کان نڪتل، شهل گونيا کان ٻاهر، بي تالو.

unharness (ان هارنيس) **vt.** to take the harness or the armour off. سنج لاهڻ، هٿيار لاهڻ، زرهہ بکتر لاهڻ.

unharnessed (ان هار نيسڊ) **adj.** not in, or free from, harness or armour. بنا هٿيارن جي، بنا سنجن جي، هٿيار پوئهار لاٿل.

unhasp (ن هئسپ) **vt.** to unfasten by undoing a hasp. ڪڙو کولڻ، بند کولي آجو ڪرڻ، ڊيرو کولي ڇڏڻ.

unhat (ان هٽ) **vi.** to take off the hat from respect. پنهنجي ٽوپي لاهي احترام ۾ بيهڻ، عزت ڪرڻ، مان ڏيڻ.

unhatched (ان هئچڊ) **adj.** not out of the egg; not developed; not shaded; unhacked. اڻ تيار (بيضو)، بچو تيار نہ ٿيل، ڪچو چوزو جيڪو ايجان آني مان نڪرڻ لائق نہ ٿيو هُجي، پاچو نہ ڪيل، تيار نہ ٿيل، ثابت، ڪٽيل نہ، لڪر لڪر نہ ٿيل.

unhatted (ان هٽيڊ) **adj.** hatless. بنا ٽوپ يا ٽوپيءَ جي، مٿي اگهاڙو.

unhatting (ن هٽنگ) **n.** lifting of the hat. ٽوپي لاهڻ.

unhead (ان هيڊ) **vt.** to take the head from. ٻئي کان سڪڻ، سمجهڻ، ڏاڻي ولڻ.

unhealed (ان هيلڊ) **adj.** not yet healed. اڻ ڇٽل، زخم ايجان ڪچو، نہ پڪل.

unhealth (ان هيلٿ) **n.** ill-health. بيماري، خراب صحت، اگهائپ، جسماني تڪليف.

unhealthful (ان هيلٿ فل) **adj.** harmful to health, un-

صحت لاءِ نقصان ڪار، بيمار ڪندڙ، زياني.wholesome. ناموافق، ناگوار، مرضيل، صحت بگاڙ، روگائتو

unhealthy (ان هيلٿي) **adj.** not healthy; morbid; unfavourable to health; dangerous; dangerous to life.. اگهو، لبل، ناچگو، بيمار، نہ پاڻهہ پوندڙ، روگائتو، ناموافق، مريض، روگي، غير تندرست، صحت لاءِ نا مناسب، نقصانڪار، حياتيءَ لاءِ نقصانڪار.

unheard (ان هرڊ) **adj.** not heard; not granted a hearing; not heard of, unknown to fame; unprecedented. اڻ ٻڌل، نہ ٻڌل، نہ سڏل، ناشنيدهہ، گمنام، آ پوربي، غير مشهور، عام، اڳ نہ ٿيل، نئون.

unhearse (ان هرس) **vt.** to remove from a hearse or a stand for candles at a funeral. تان بيهڪ واري جڳهہ هٽائڻ، عام حالت مان هٽائڻ، غلط جڳهہ تي رکڻ، گاڏيءَ بر نہ رکڻ.

unhearsed (ان هرسڊ) **adj.** without a hearse. بنا (مردي جي) گاڏيءَ جي، پاهر، گاڏيءَ بر نہ رکيل، پيدل (جنازو).

unheart (ان هارٽ) **vt.** to dishearten.. دل پڇڻ، بي همت ڪرڻ، بي جذبي ڪرڻ، جوش وڃائڻ، ناراض ڪرڻ.

unheated (ان هيٽيڊ) **adj.** not heated.. غير گرم، اڻ سيڪيل، بنا گرميءَ جي، گرم نہ ڪيل، ٿڌو.

unhedged (ان هيجڊ) **adj.** not bounded by a hedge; (of a speculative investment) not hedged.. بنا لوڙهي جي، بنا واڙ جي، واڙ يا لوڙهي وارو نہ، (بچت) خطري واري عمل بر سيڙايل، اڻ فاعديمند بچت، ستي جو ڪاروبار.

unheeded (ان هيڊيڊ) **adj.** not heeded; disregarded. ڌيان نہ ڏنل، خيال نہ ڪيل، هوڙائپ وارو ڪم، ٽاري ڇڏيل، ٽاليل، ڪن ٽار ڪيل.

unheedful (ان هيڊفل) **adj.** heedless; taking no notice.. هوڙهہ، ڌيان نہ ڏيندڙ، خبرداري نہ ڪندڙ، بي ڌيان، الغرضو، ڏندر، بيپرواهہ، ڦسچنت، بي اثرائتو.

unheedily (ان هيڊلي) **adj.** unheedfully. خبرداريءَ يا ڌيان کان سواءِ، بنا ڌيان ڏيڻ جي، بي ڌيانائيءَ سان.

unheeding (ان هيڊنگ) **adj.** not giving heed; heedless. بي پرواهہ، توجهہ نہ ڏيندڙ، ڦسچنت، ڏندر، الغرضو.

unhele or **unheal** (ان هيل) **vt.** to uncover, disclose. ڍڪ لاهڻ، کولڻ، ظاهر ڪرڻ، اگهاڙو ڪرڻ، پڙ لاهڻ، پڌرو ڪرڻ، سلڻ، چلڻ، اپٽارڻ، ڦولهڻ، وڪا پڌرا ڪرڻ، ڳجهہ ظاهر ڪرڻ، پول پڌرو ڪرڻ، راز اپٽارڻ.

unhelm (ان هيلم) **vt.** to divest of helmet. خود يا ٽوپلي کان محروم ڪرڻ، مٿو اگهاڙو ڪري ڇڏڻ.

unhelmeted (ان هيلميٽيڊ) **adj.** without or divested of helm or helmet. بنا ٽوپلي جي، بنا خود جي، ٽوپلي کان محروم ڪيل.

unhelpable (ان هيلپبل) **adj.** incapable of receiving help. مدد نہ ڪرڻ جهڙو، بنا مدد جهڙو، مدد کان ڇڙهيل.

unheppen (ان هيپن) **adj.** clumsy.. اڏنگو، بي ڍولو، ڍول بلاڙو، بي هنر، جڏو، اناڙي، بي ڍنگو، ڇت.

unheralded (ان هيرالڊيڊ) **adj.** not heralded; unannounced.. بنا اطلاع جي، بنا اڳواٽ ٻڌائڻ جي، اڻ اعلانيل، اوچتو، اچانڪ.

unheroic (ان هيروئڪ) **adj.** not heroic.. بهادريءَ جوڳو، سورهيائپ کانسواءِ، ياڙيو، ڪمزور، بي همت.

unhesitating (ان هيزيٽيٽنگ) **adj.** not hesitating or doubting; prompt; ready. نہ گهبرائيندڙ، نهہ پهہ، تيار، اتي جو اتي، يڪدم، بي ڏڪ، تکو، ڦڙت، بنا دير، جلد، ترت، بنا شڪ شبي جي، بنا شائبي جي.

unhidebound (ان هائيڊ بائونڊ) **adj.** not having a skin confining the body. بنا کل جي، بنا چمڙي جي، بنا روڪ ڪندڙ، تهہ يا ڍڪ جي.

unhindered (ان هنڊرڊ) **adj.** not hindered. بنا الڪاءَ جي بنا روڪ جي، بنا روڪ ٽوڪ، روڪ نہ هُجڻ، بنا جهل، بنا الڪاءَ.

unhinge (ان هنج) **vt.** to take from the hinges; to derange.. چوڙ اکيلڻ، ڍرو ڪرڻ، بي قرار ڪرڻ، حوصلا خطا ڪرڻ، وايون بتال ٿيڻ، چريو ڪرڻ، هوش خطا ڪرڻ، (من) مونجهاري ۾ وجهڻ، پريشان ڪرڻ.

unhip (ان هپ) **adj.** square, not trendy.. هم چورس، چوڪندو، ڪنڊائتو، چورس، مربع، بنا رخ جي، اڻ لاڙئو، ڪنهن بہ طرف لاڙو نہ رکندڙ، بنا فيشن جي، ڪنهن طرف جو بہ نہ.

unhistoric (ان هسٽارڪ) **adj.** not historic. غير تاريخي، عام، سادو، ويجهڙائيءَ جو، جنهن جي تاريخ ۾ ڪا اهميت نہ هُجي.

unhistorical (ان هسٽاريڪل) **adj.** not mentioned in history; not in accordance with history; not important historically; not having actually existed or happened.. تاريخ ۾ نہ درج ٿيل، تاريخ ۾ نہ ٻڌايل، تاريخ مطابق نہ، تاريخي طور اڻ چاتل، اڻ مشهور، تاريخ مطابق غير ثابت، ڪوڙو، هٽ جو.

unhitch (ان هچ) **vt.** release from a hitched state: unhook, unfasten.. جوٽ کولڻ، جوٽ آجي ڪاري، جوٽ آجا ڪرڻ، پاڃاريءَ مان ڏڳا ڪڍڻ، ٽانگي مان گهوڙو کولڻ، ڪوٻہ زرعي اوزار ٽرئڪٽر کان الگ ڪرڻ، ڪڙو کولڻ، ڪنڊو ڇڏائڻ.

unhive (ان هائيو) **vt.** to drive from a hive.. ماناري مان ڪڍڻ، آکاري مان اٿارڻ، ماکيءَ جي مکين کي اڏائڻ.

unhoard (ان هورڊ) **vt.** to take from a hoard. گدام مان ڪڍڻ، ذخيري مان ٻاهر آڻڻ.

unholpen (ان هولپن) **adj.** not helped. مدد نہ ڪيل، آسرو نہ ڏنل، بي آسري، بي مدد.

unholy (ان هولي) **adj.** not holy; very wicked; unconscionable, outrageous, unearthly.. ناپاڪ، ابوتر، بي دين.

اڏرمي، خبيث، بد، دشت، خراب، بڇڙو، پراچتي، مندو، پاپاڻتو، پاپي، شرير، زهري، حرڪتي، ڇڙو، حد کان ٻاهر، بي هودو، بيجاءِ غير واجبي، بلڪل برو، الڏير جهڙو، پواڻتو، پيانڪ، غير دليوي، غيبي.

unhonest (ان اڻيسٽ) **adj.** unseemly, indecent, dishonourable; immoral; dishonest.. بيمان، اڻ سهائيندو، نامناسب، ناشائستو، فاحش، نرلجو، ڪچو، اگهاڙو، بد ڪردار، بڇڙو، ڪلچڻو، ڪنيتو، در آچاري، بدڪاريءَ جو، بداخلاق، بي پتيو، ڪولو، ڪپتيو، بي ايمانيءَ جو.

unhonoured (ان آنرڊ) **adj.** not honoured.. بي عزت، برو، بڇڙو، بد اخلاق، بنا ڪاريت جي، غير معتبر، بنا ساک پت جي، ساک پت وڃايل.

unhood (ان هڊ) **vt.** remove the hood from (a falcon, horse or captive). (باز، گهوڙي يا قيديءَ جو) نقاب لاهڻ، باز، جي ٽوپي لاهڻ، ڪلاهه لاهڻ اکين جي پٽي کولڻ، آکيو کولڻ يا لاهڻ.

unhook (ان هڪ) **vt.** remove from a hook or hooks; unfasten by releasing a hook or hooks.. ڪڙا ڪڍڻ، ڪڙن مان کولڻ، آنڪڙو ڪڍڻ، کولي ڇڏڻ، بند آجا ڪرڻ.

unhoop (ان هوپ) **vt.** to remove hoops from. چيڪلي مان، ڪڍڻ، ڳنڍيون کولڻ.

unhoped (ان هوپڊ) **adj.** beyond what was expected with hope; unexposed. اميد جي خلاف، اميد نہ ڪيل، نا اميد، اڻ کوليل، بنديل، ڍڪيل، اڻ لڪايل، ڇپايل، سامهون نہ آندل.

unhorse (ان هارس) **vt.** to dislodge or throw from a horse; to take a horse or horses from. گهوڙي تان، ڪيرائڻ، سوار کي ڌڪو ڏيڻ، گهوڙي تان لاهڻ، (بگيءَ مان) گهوڙا ڇوڙڻ.

unhouse (ان هائوس) **vt.** to deprive of or drive from a house or shelter. گهر مان ڪڍڻ، بي گهر ڪرڻ، بي اجهي ڪرڻ، رلائڻ، دربدر ڪرڻ، خانہ بدوش بنائڻ.

unhoused (ان هائوسڊ) **adj.** houseless; deprived of a house.. گهران تڙيل، نہ گهر نہ گهاٽ، رولو، دربدر، خانہ بدوش، گهران ڪڍيل، بي گهر ڪيل.

unhouseled (ان هائوسلڊ) **adj.** not having received the sacrament. پوتر سنسڪار نہ مليل، عشاءِ رباني حوالي نہ ڪيل.

unhuman (ان هيومن) **adj.** not human; superhuman; inhuman, brutal. غير انساني، انسان کان مٿاهون، انسان کان، گهٽ، هچارو، سفاڪ، وحشي، ظالم، نردئي، پسو لڪو.

unhung (ان هنگ) **adj.** not yet executed by hanging; not hung up for exhibition.. ڦاهي نہ چاڙهيل، ڦاهي نہ مليل، اڻ ٽنگيل ، نماءِ لاءِ نہ ٽنگيل يا کولي نہ بيهاريل.

unhurried (ان هريڊ) **adj.** not hurried.. تڪڙ بہ نہ، فرحتي، سانتيڪو، آرامي.

unhurt (ان هرٽ) **adj.** not hurt. سلامت، بي ضرر صحيح سالم، صحيح سلامت، بي ضرربو، اڻ ڌڪيل.

unhusbanded (ان هسبنڊيڊ) **adj.** uncultivated; without a husband. بنا اڻ ڪاهيل، اڻ کيڙيل، اڻ پوکيل، اڻ تيار ڪيل، بنا مڙس جي، بيوهہ، رنڙ، ولهي، ڏکي، ڪنواري، ٺڏٺڪي.

unhusk (ان هسڪ) **vt.** to strip the husk from; remove a husk or shell from.. ڇلڪو لاهڻ، ان ڇڙهڻ، ان صاف ڪرڻ، ٺهہ يا کل لاهڻ.

unhygienic (ان هائيجنڪ) **adj.** not hygienic. حفظان صحت، مطابق نہ، صحت جي اصولن خلاف، غير صحت مند، اڻ صاف، گندو، استعمال لائق نہ.

unhyphenated (ان هائفنيٽيڊ) **adj.** without a hyphen or hyphens. بنا ليڪ جي، ڳنڍيل، جدا نہ ڪيل.

uni- (يوني) **pfx.** denoting one; having or consisting of one. هڪَ، واحد، اڪيلو، هيڪلو، يڪ.

uniaxial (يوني ايڪسل) **adj.** having one axis, esp one optic axis or one main line of growth or unbranched axis. هڪ محوري، هڪ محور، غير شاخي محور.

unicameral (يوني ڪئميرل) **adj.** having or consisting of only one chamber. هڪ پارلياماني ايوان وارو، هڪ ايواني.

unicameralism (يوني ڪئميريلزم) **n.** the system or principle of having one legislative chamber. هڪ پارلياماني نظام وارو يا اصول وارو ملڪ، هڪ ايواني پارلياماني نظام.

unicellular (يوني سيليولر) **adj.** of or having only one cell.. هڪ گهرڙو، هڪ خليو، هڪ خاني وارو، هڪ گهرڙي وارو، هڪ گهرڙائون.

unicentral (يوني سينٽرل) **adj.** having a single centre. هڪ مرڪزي، هڪ مرڪز وارو.

unicity (يوني سٽي) **n.** oneness; uniqueness.. ايڪتائي، لاثانيت، يگانيت، ملي هڪ ٿي وڃڻ جي حالت، هڪجهڙائي، ايڪائي، هڪڙائي، هيڪلائپ.

unicolour (يوني ڪلر) **adj.** of one uniform colour. هڪ رنگ، هڪ رنگ وارو، يڪ رنگو.

unicorn (يوني ڪارن) **n, adj, adv.** a fabulous animal mentioned by ancient Greek and Roman authors as a native of India, with a body like a horse and one straight horn; an unfortunate translation of Hebrew, variously understood as the rhinoceros, wild ox, or ox-antelope; applied to various animals with the appearance of a single horn, such as the narwhal (unicorn-whale), a moth whose caterpillar has along process (unicorn-moth), an American Pacific gasteropod with a spine or the lip of the shell (unicorn-shell); a team of two breast and one in front or a carriage drawn by it; one-horned;

with two abreast and one in front.قدين يونانيءَ رومي ليڪڪن طرفان پنهنجين لڪتين ۾ چالايل هڪ خيالي جانور جنهن جو جسم گهوڙي جو ۽ پيشانيءَ تي هڪ سڱ ٽيندو آهي، پتنگ يا پروانو جنهنجو سوبت پيدا ٿيڻ لاءِ گهڻو وقت وٺندو آهي. هڪ سڱو جانور، ٽن گهوڙن جي سواري، هڪ سنگ، هڪ سڱ شاخي، گينڊو جانور، هڪ ديو مالائي هڪ سنگ وارو جانور (جيڪو گينڊي سان ملي ٿو)، ويل مڇيءَ جو قسم، جيت جنهن جي ڪچي بچڻ کي سنگ نما بيهڪ ٿئي، سامولدي ڪندي واري مخلوق، ڪوڏ، ٽن گهوڙن واري بگي يا رٿ، هڪ سگو.

unicostate (يوني ڪواسٽيٽ) **adj.** one-ribbed.هڪ پاسري، يا ڪندي وارو.

unicuspid (يوني ڪسپڊ) **n.** with one cusp; a unicuspid tooth. هڪ ڏندو، هڪ نوڪي ڏندو.

unicycle (يوني سائيڪل) **n.** with one cycle, an acrobat's one-wheeled cycle, هڪ چڪر، هڪ ڦيرو، هڪ دؤرو، هڪ گردش، هڪ ڦيٽي، ڪرتب ڏيکاريندڙ جي هڪ ڦيٽائين سائيڪل.

unidead (ان آئڊيا ڊ) **adj.** having no ideas; with unfurnished mind.بي خيال، بي سمجهه، بي فهم، تجويز نه ڏيندڙ، سوچ ويچار کان عاري، سمجهه کان خالي.

unideal (يوني آئڊيل) **adj.** not ideal; not idealistic; without ideas; conveying no ideas; without ideas.غير آدرشي، عام سوچ وارو، سطحي، عام رواجي، خيالي ڪمال کان وانجهيل، غير قياسي، ڪنهن به قسم جي سوچ نه رکندڙ، موڙهو، موڙهل، واڻڙو.

unidentifiable (ان آئڊينٽيفائبل) **adj.** unable to be identified. شناخت نه ٿيڻ جهڙو، نه سڃاڻپ ۾ ايندڙ، غير سڃاپرو، غير معروف، ڏٺون، پاهريو، اڻڄاڻ، اجنبي.

unidentified (ان آئڊنٽيفائڊ) **adj.** not identified. غير معلوم، غير سڃاپڻو، غير معروف، ڏٺون، نامعلوم.

unidimensional (يوني ڊائمينشنل) **adj.** having only one dimension. هڪ رخي، هڪ درجي، هڪ طرفو، هڪ رخ وارو.

unidiomatic (يونيائڊيميٽڪ) **adj.** not idiomatic,غير اصطلاحي، غير مثالي، عام يا رکي (ٻولي).

unidirectional ((يوني ڊرائڪشنل) **adj.** mainly or wholly in one direction; having only one direction of motion, operation, etcهڪ طرفي، خاص ڪري يا مڪمل طور هڪ طرفو، هڪ طرف هلندڙ، هڪ عمل ڪندڙ، هڪ عمل وارو.

unific (يوني فڪ) **adj.** making one.هڪ ڪرڻ، ملائڻ، گڏائي هڪ ڪرڻ، گڏيل صورت يا حالت ۾ آڻڻ.

unification (يوني فڪيشن) **n.** the act or an instance of unifying; the state of being unified.ملائي هڪ ڪري چلائڻ، ملي هڪ ٿي وڃڻ، گڏي هڪ ڪرڻ، هڪ ڪيل، مڪمل صورت ۾.

unified field (يوني فائڊ فيلڊ) **n.** an ultimate basis on which the physicist seeks to bring within a single theory the workings of all natural phenomena.قدرتي حالتن ۾ تبديليءَ جي اصول بابت سائنسي نظريو، سائنسي اصول يا نظريو جنهن مطابق باهمي عملن (يعني ڪهربائي، ثقلي ڪشش وارو، مقناطيسي، ڪمزور ۽ زور آور) مان ٻن يا ٻن کان وڌيڪ عملن ذريعي نتيجا حاصل ڪيا وڃن يا سمجهائي ڏئي سگهجي، جڏهين ته ماضيءَ وارو اصول هيث فقط هڪ عمل ذريعي مختلف قدرتي مظهرن يا حالتن جا نتيجا ڏسي سگهجن يا انهن جي سمجهائي ڏيئي سگهجي.

unified scale (يوني فائيڊ اسڪيل) **n.** the scale of atomic and molecular weights based on the mass of the carbon-12 isotope of carbon being taken as 12 exactly.ساڳيو يا هڪجهڙو ماڻ، هڪ ماڻ وارن مادن جي هڪ جهڙي بيهڪ يا ماپ.

uniflow (يوني فلو) **adj.** involving flow (esp of steam or waste gases) in one direction only..لاڳو وهڪري وهڪري بابت، هڪ طرفي وهڪري وارو نظام (پاڻي يا گئس جو).

unifilar (يوني فلر) **adj.** with one thread.هڪ ڌاڳي وارو، هڪ تند وارو.

uniflorous (يوني فلورس) **adj.** (a flower) one-flowered. هڪ گلو، هڪ ڦلو، هڪ گل وارو ٻوٽو.

unifoliate (يوني فوليئيٽ) **adj.** with only one leaf; unifoliate. هڪ پن دار، هڪ پنو، هڪ پن وارو ٻوٽو.

unifoliolate (يوني فوليوليٽ) **adj.** having a single leaflet, but compound in structure.هڪ پن وارو، هڪ مڪمل پن، وارو جيڪو ڏسڻ ۾ هڪ کان وڌيڪ اچي.

uniform (يوني فارم) **adj, n, vt.** alike; alike all over, throughout, or at all times; unvarying; of a military or other uniform; a distinctive garb for members of a body; a suit of it; to make uniform; to clothe in uniform. هڪ جهڙو، برابر، هڪ سريڪو، يڪسان، هڪ شڪل، بلڪل ساڳيو، هڪ موافق، آوَشيش، معتدل، سمان روپ، ڪوشتا، هر شڪل، هموار، هڪ جنس، وردي، نوڪريءَ جي هڪجهڙي پوشاڪ، سَتر وستر، پوشاڪ جو ڪپڙو، پوشاڪ يا وردي پارائڻ.

uniformed (يوني فارمڊ) **adj.** wearing uniform..وردي پاتل، خاص پوشاڪ پاتل.

uniformitarianism (يوني فارميٽيرينزم) **n.** the doctrine that geological changes were brought about not in the main by great convulsions but by such action as may be seen going on now.سائنسي اصول ته زمين تي ايندڙ مٽ سٽ ڪنهن وڏي ڌرتلي يا اٿل پٿل جي ڪري نه پر روز مره جي حالتن ڪري ٿئي ٿي، زمين جي سطح تي ماحول جي حالتن جو اثر ۽ بدل سدل.

uniformity (يوني فامٽي) **n.** the state or fact of being uniform; agreement with a pattern or rule; sameness; likeness between parts. هڪ سريڪائي، سمتا، يڪسانيت. هر طريقي، هر شڪلي، هڪجهڙائي برابري، همواري، موافقت. مشابهت. هڪ ساريڪائي.

unify (يوني فاء) **vt.** to make into one; to consolidate. ملائڻ. هڪ ڪرڻ. يڪ وجود ڪرڻ. جمائڻ. يڪو ڪرڻ. مظبوط ڪرڻ. پڪو ڪرڻ.

unigeniture (يوني جينچر) **n.** the state or fact of being the only begotten. يڪ توليد. اڪيلو اولاد. نرينو. هڪ اولاد وارو.

unilabiate (يوني ليبئيٽ) **adj.** one-lipped. هڪ تشريحي غير واضح. هڪ چپ وارو.

unilateral (يوني ليٽرل) **adj.** one-sided; on one side; affecting or involving, only one person or group, out of several; produced with one side of the tongue only, as a Welsh II. هڪ طرفو. هڪ پاسي وارو. هڪ پاسو. هڪ پاسائون. يڪ طرفو. يڪ طرفائون. هڪ ماڻهوءَ يا هڪ ڄڻي تي اثر ڪندڙ (ڪيترن هوندي به). زبان کي هڪ پاسي ڪري اچاريل لفظ.

unilateralist (يوني ليٽرلسٽ) **n.** someone who favours unilateral action, esp in abandoning or reducing production of nuclear weapons. هڪ طرفي عمل جا خيالات رکندڙ. هڪ طرفي عمل جو حامي. خاص طرح جوهري هٿيارن جي پيداوار کي گهٽائڻ يا مڪمل طور تي ختم ڪرڻ جو حامي.

unilingual (يوني لنگئل) **adj.** of, in or using, one tongue or language. هڪ ٻولي ڳالهائيندڙ. هڪ زبان وارو. صرف هڪ زبان سمجهندڙ.

uniliteral (يوني لٽرل) **adj.** of, or involving, one letter or script. هڪ اکرو. هڪ حرفي. هڪ صورتخطي.

unilobar or **unilobed** (يوني لوبر. لوبڊ) **adj.** having one lobe. هڪ پاپڙيءَ وارو. هڪ للاندڙ عضوي وارو.

unilobular (يوني لوبيولر) **adj.** having one lobe. هڪ پاپڙي رکندڙ. هڪ للاندڙ عضوي وارو.

unilocular (يوني لوڪيولر) **adj.** having only one loculus or cavity. هڪ خانوي. هڪ درجي. هر خانيدار. هڪ ڪانچي وارو.

unimaginable (ان اميجنبل) **adj.** not imaginable, inconceivable. تصور کان ٻاهر. خيال کان ٻاهر. سمجهه ۾ نه ايندڙ. مشڪل. ڏکيو. ناممڪن.

unimaginative (ان اميجينيٽو) **adj.** not imaginative, prosaic. بي سمجهه. سوچ سمجهه کان عاري. بي فهم. ڪچسو. نثر مثل. نثري.

unimpassioned (ان اميپيشنڊ) **adj.** not impassioned, calm, tranquil. سانتيڪو. ماٺو. صاف. ٺڪرو. ماٺ. ٺواڻي. ٺهير. لويڪلاٽي. آرامي. استر. ٺهريل. قائم. مانو. ڌير. ڌيرج وان. سانتيڪو.

unimpeachable (ان اميچبل) **adj.** not to be impeached; not liable to be accused; free from fault; blameless. الزام کان آجو. بي الزام. بي داغ. ناقابل اعتراض. نا ملامت پذير. بي گناهه. بي عيب. پاڪ صاف. بي ڏوهي. ري ميار. عيب کان پاڪ. معصوم.

unimportant (ان امپارٽنٽ) **adj.** not important; not of great moment. غير اهم. غير ضروري خسيس. رواجي. هلڪو. سهل (ڪم). ناضروري. خفيف.

unimportuned (ان امپرٽيونڊ) **adj.** not persistently begged (to do something) اڻ ورجايل. گهڻا دفعا نه چيل. منٿ نه ڪيل. بار بار نه ٻڌايل. (بيڪ لاءِ) پريشان نه ڪيل.

unimposing (ان امپوزنگ) **adj.** unimpressive; not burdensome بي اثر. غير دلچسپ. غير مزيدار. غير اثر. اثر نه وجهندڙ. غير مؤثر. زير بار نه ڪندڙ. هلاڪ نه ڪندڙ. تنگ نه ڪندڙ.

unimproved (ان امپرووڊ) **adj.** not made better; not cultivated, cleared or built upon; not put to use اڻ سڌاريل. اڻ سنواريل. ٻنڊ. غير آباد. آباديءَ هيٺ نه آيل. صاف نه ڪيل. استعمال ۾ نه آيل. ڪجهه به نه ٺاهيل. خالي. غير استعمالي.

inincorporated (ان انڪارپوريٽيڊ) **adj.** not incorporated or united; not formed into a corporation. شامل نه ڪيل. قائم نه ڪيل. غير سنڌي. ڪارپوريشن واري حالت ۾ نه آندل. دفتر ۾ داخل نه ٿيل. غير اجتمائي. خانگي. ذاتي.

unincumbered (ان انڪمبرڊ) **adj.** (of an estate) not having any liabilities eg. a mortgage on it; having no encumbrance; free. نازير بار. جريدو. ڇڙهو. الڳ. ذميوارين کان والجهيل. (زمين. دڪان. مڪان وغيره) گروي نه ڪيل.

unindexed (ان انڊيڪسڊ) **adj.** not index-linked بنا فهرست. فهرست ۾ داخل نه ڪيل. شامل نه ڪيل.

uninfected (ان انفڪٽيڊ) **adj.** not infected. بيماري کان بچيل. اثر کان محفوظ. صحيح سلامت.

uninflammed (ان انفليمڊ) **adj.** not inflammable. ٻامڻ يا جوش ۾ نه آيل. شعلي کان محفوظ.

uninflammable (ان انفليمّبل) **adj.** not inflammable ڙ ٻرندڙ. جهٽ نه ٻرندڙ. ٻامڻ نه وٺندڙ.

uninflected (ان انفليڪٽڊ) **adj.** (of a language) not having inflections; not changing or varying; not bent or deflected غير آوازي لاهي چاڙهيءَ جي. سادو ۽ سڌو ڳالهاءِ. بنا سُر يا آواز کي لاهڻ چاڙهڻ.

uninfluenced (ان انفلوئنسڊ) **adj.** not influenced اثر انداز

نہ ٿيڻ جهڙو، اثر نہ وٺندڙ، زير بار نہ ٿيندڙ.

uninfluential (ان انفلوئنشل) **adj.** having little or no influence. بي پهچ، غير اثر رسوخ وارو، اڻ سهاڳي، بنا هلندي وارو، بي پهچو.

uninformative (ان اِنفارمِٽو) **adj.** not informative; giving little information. گهٽ اطلاع نہ ڏيندڙ، غير معلوماتي، گهٽ معلومات ڏيندڙ، بي خبر، چٽ، گونگو.

uninformed (ان انفارمڊ) **adj.** not having received information; untaught; uneducated; not imbued with life or activity. بي خبر، بي واقف، اڻ واقف، غير واقف، آجاڻ، اڻ جاڻ، ابهم.

uninhabitable (ان انهيبٽبل) **adj.** that cannot be inhabited. ناقابل رهائش، رهائش نہ اختيار ڪرڻ جهڙو، نہ وسائڻ جهڙو، سڃو، آباديءَ لائق نہ.

uninhabited (ان انهيبٽيڊ) **adj.** not inhabited. غير آباد ٿيل، ويران، سڃو، اڻ وسيل، ڦٽل، ٻرپٽ، ويران، خالي.

uninhibited (ان انهبٽيڊ) **adj.** not inhabited. نہ شروع ڪيل، اڻ سيکاريل، اڻ سمجهايل، اڻ ڪيرايل، اڻ روڪيل، بنا روڪ ٽوڪ جي.

uninjured (ان اِنجرڊ) **adj.** not injured. نقصان کان بچيل، غير زخمي، صحيح سالم.

uninspired (ان انسپائرڊ) **adj.** not inspired, (of oratory) common place. وجدان کان خالي، عام فهم، غير متاثر، اڻ ڏڪيل.

uninspiring (ان انسپائرنگ) **adj.** not inspiring. بي روح، روح کان بغير، دل کي جوش نہ ڏياريندڙ، همت نہ ڏياريندڙ، متاثر نہ ڪندڙ.

uninstructed (ان انسٽرڪٽيڊ) **adj.** not instructed or informed. بي آگاهہ، بي هدايت، غير الهامي، اطلاع نہ ڪيل، خبر دار نہ ڪيل، اڳوات نہ سمجهايل، اڳوات نہ پڙهايل.

uninsulated (ان انسوليٽڊ) **adj.** not insulated. جدا ٿيل نہ هجي، پرواهڪي، ڳنڍيل، اڻ مڙهيل، جڙيل، حائل نہ ٿيل، محدود نہ ٿيل.

uninsurable (انِ انشوريبل) **adj.** that cannot be insured. ناقابل ويمو، ويمو نہ ڪرڻ جهڙو.

uninsured (ان انشورڊ) **adj.** not insured. ويمو نہ ٿيل، غير محفوظ، اڻ تصديق.

unintelligent (ان انٽيليجنٽ) **adj.** not intelligent. بي عقل، عقل کان عاري، بي سمجهہ، مت جو موڙهيل، غير سشوبرو، احمق، مورک، ابوجهہ.

unintelligible (ان انٽيليجيبل) **adj.** not intelligible. غير مقبول، ناقبل فهم، سمجهہ ۾ نہ ايندڙ، اڻ صاف، غير چٽو، بي معني، بي فهم.

unintended (ان انٽينڊڊ) **adj.** not intended. بغير ارادي، يا نادانستہ جي حزم . اڻ مگيل، اڻ گهريل.

unintentional (ان انٽينشنل) **adj.** not intentional. بي ارادي، غير ارادي، غير نيتي، اتفاقي، ٻاڻ مرادو، بنا اڳوات تياريءَ جي.

uninterested (ان انٽريسٽيڊ) **adj.** not interested. بي تعلق غير مطلب، بي دل، بغير دلچسپي، غير واسطيدار، غير حرضائو، غير مطلبي.

uninterpretable (ان انٽرپريٽبل) **adj.** that cannot be interpreted. بي تشريح، بي مفهوم، بي معني، نہ سمجهائڻ جهڙو، مشڪل، مبهم، غير تعبيري، فضول، منجهيل، گول مول.

uninterrupted (ان انٽرپٽيڊ) **adj.** not interrupted. بغير مزاحمت ٿيل، روڪ کانسواءِ، سانده هلندڙ، متواتر چالو حالت ۾، هڪڏڙو، لرلتر لڳاتار، يڪاتار.

uninterruptible (ان انٽرپٽيبل) **adj.** that cannot be interrupted. جنهن کي روڪي نہ سگهجي، اڻ روڪ، آجهل.

uninuclear (يوني نيو ڪليئر) **adj.** with a single nucleus. هڪ سيل وارو، هڪ مرڪز وارو.

uninucleate (يوني نيو ڪليئيٽ) **adj.** having a single nucleus. هڪ سيل وارو، هڪ مرڪز وارو.

uninventive (ان انوينٽو) **adj.** not inventive. غير ايجادي، غير موجود، ايجاد نہ ڪري سگهندڙ.

uninvestigated (ان اِنويسٽيگيٽيڊ) **adj.** not investigated. تلاش نہ ٿيل، نہ ڳوليل، اڻ ڇڪاسيل، اڻ دريافتو، بي دريافتو.

uninvited (ان انوائيٽيڊ) **adj.** not invited. دعوت نہ ڏنل، اڻ ٿيڊو، اڻ سڏيو، اڻ ڪوٺيو، ري ڪوٺيو، ري سڏيو، ري دعوتو، اڻ طلبيو.

uninviting (ان انوائٽنگ) **adj.** not inviting, unattractive, repellent. ڪراهت غير دل ڪش، غير دلچسپ، اڻ موهيندڙ، جوڳو، بي شڪليو، بد صورت، نفرت آڻيندڙ، هٽائيندڙ.

uninvoked (ان انووڪڊ) **adj.** not invoked. دعا نہ ڪيل، نہ سڏايل، الله کان مدد نہ طلبيندڙ.

uninvolved (ان انوولڊ) **adj.** not involved. شامل نہ ٿيل، نالوث، اڻ منجهيل، اڻ ٻڌل، لاتعلق، غير واسطيدار.

union (يونين) **n.** a uniting; the state of being united; the state of wedlock; a united whole; combination; a growing together in healing; general concord; the incorporation of states in a federation or in a single state; a single state (or sometimes a federation) formed in this way; an association or league, esp a trade union; a students' club; (formerly) a combination of parishes for poor-law purposes; its workhouse or poorhouse; a connecting part for pipes; a device emblematic of union shown on a flag; the same device used separately as a flag, such as the union jack; a textile fabric of more

than one kind of fibre; the set formed from all the elements present in two (or more) sets..اتحاد، اتصال، اتفاق، ٻڌي، ايڪو، جماعت، مجلس، ادارو، يوڪ، جوڙ، ڳنڍ، ميلاپ، سلوڪ، نڪاح، شادي، تعلق، مڪمل، هڪڙائي، هڪ ملڪ جي حالت ۾ صوبن يا رياستن جي گڏيل حڪومت، يونين، شاگردن جي سنگت يا مجلس، مذهبي ادارن جي جماعت، صنعتي مزدورن جي سڀا، غريبن لاءِ امدادي ادارو، ٻڌيءَ جي نشان وارو جهنڊو، برطانيا جو جهنڊو، مختلف ڌاڳن مان ناهيل ڪپڙو، مختلف شين کي ڳنڍي ٺاهيل سيٽ، جٽو، بندل، تنظيم.

union-bashing (يونين بيشنگ) **n.** active opposition to trade unions and their rights.يونين يا مزدورن جي جماعتي سرشتي يا انجي حقن جي مخالفت.

union catalogue (يونين ڪيٽالاگ) **n.** a library catalogue combining, usu alphabetically, the contents of a number of catalogues or listing the contents of a number of libraries.لائبرريءَ جي فهرست جو ڪتاب جنهن ۾ مختلف موضوعن بابت ڪتابن جي الڳ الڳ فهرست هُجي يا مختلف لائبررين جي فهرست وارو ڪتاب.

union flag (يونين فلئگ) **n.** a flag symbolizing union, esp the national flag of the United Kingdom, consisting of a union of the crosses.جنهڊو جنهن مان اهو ظاهر ٿئي ته اهو اتحادي ملڪ جو آهي، خاص ڪري برطانيا جو جهنڊو جنهن کي يونين جيڪ چوندا آهن ۽ جنهن ۾ مختلف حصن، صوبن يا رياستن بابت مختلف نشان گڏي ٺاهيو ويو آهي.

unionist (يونينسٽ) **n.** an advocate or supporter of or believer in union or trade unions; a member of a trade union; an opponent of Irish Home Rule; a supporter of the federal union of the United States.اتحاد جو حامي، مزدورن جي جماعت بنديءَ ۽ حقن لاءِ هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ جو حامي، برطانيه جيائرش رياست جو پنهنجي الڳ حڪومت ناهڻ جو مخالف، آمريڪا جي رياستن جي گڏ ٿيڻ جو حامي، مزدورن جي جماعت جو رڪن.

unionize (-ise) (يونينائيز) **vt.** to recruit into a trade union; to organize the workforce of a body, company or industry into a trade union. مزدورن جي جماعت ۾ شامل ڪرڻ، يونين ۾ شامل ٿيڻ لاءِ همٿائڻ، اداري، ڪمپنيءَ، ڪارخاني يا ڪاروبار جي مزدورن کي گڏي مزدورن جي جماعت ٺاهڻ، مزدورن کي منظم ڪرڻ.

un-ionized (ان آيونائزڊ) **adj.** not ionized.ايٽمن ۾ نه تبديل ٿيل، ذرڙن ۾ نه ورهايل.

union language (يونين لئنگويج) **n.** an artificial language formed from related dialects.مختلف ٻولين تي مشتمل هٿ ٺوڪي ٻولي، غير قدرتي ٻولي، مترادو ٻولي.

union list (يوني لسٽ) **n.** a list of materials available on a specific subject, in each case naming the library, and locating the material precisely.مختلف موضوعن تي مشتمل ڪتابن جي فهرست، جن جي ملڻ جو هنڌ يا لائبررين ۾ موجود ڪتابن جي فهرست جو يا تفصيل ٻڌائيندڙ ڪتاب.

union suit (يونين سوٽ) **n.** underwear in the form of combinations for man or boy..ٻار يا وڏي ماڻهوءَ لاءِ ڪڇو، اهڙو ڪڇو جيڪو وڏي ۽ ننڍي ٻنهي لاءِ مناسب هجي جيئن انگوڇو، پوتڙو، چڊي.

union territory (يونين ٽيريٽري) **n.** one of the administrative divisions that, along with states, make up the Republic of India.هندستان ۾ رياستن يا صوبن کانسواءِ انڊيا وفاقي علائقا.

uniparous (يوني پيرس) **adj.** producing one at a birth; monochasial..(ڄمڻ مهل) هڪ جو پيدا ٿيڻ، هڪ ٻار ڄڻڻ واري، پيري سان هڪ ٻچو ڄڻيندڙ، هڪ ڦري (ٻوٽي)

unipartite (يونيپارٽائٽ) **adj.** not divided into parts.حصن ۾ نه ورهايل، لاڳيتو، هڪڙو، مڪمل، اڻ ورهايل، غير منقسم.

uniped (يونيپيڊ) **adj, n.** one footed; a one-footed person, animal or object.هڪ پير وارو، هڪ پير انسان يا جانور، منڊو، هڪ ٽنگو.

unipersonal (يوني پرسنل) **adj.** existing as only one person. هڪ شخص طور موجود، هڪڙو، اڪيلو، اڪيلي ذات.

uniplanar (يونيپلينر) **adj.** lying in one plane.هڪ سطح تي، هڪ جيتريءَ اُچائيءَ تي، ساڳي سطح تي.

unipod (يوني پوڊ) **n.** a one-legged support, eg for a camera...هڪ ٽنگ واري ٽيڪ تي، هڪ ٽنگ واري بيهڪ يا جھل، هڪ ٿونيءَ وارو پيهو، يڪ ٿنڀي عمارت.

unipolar (يوني پولر) **adj.** of, from or using one pole; (of a nerve cell) having one process only.هڪ قطب وارو، هڪ طريقي وارو، هڪ نموني وارو.

unique (يونيڪ) **adj. n.** sole; without a like; often used loosely for unusual, pre-eminent; found solely in, belonging solely to; anything that is unique..بي نظير بي مثال، ادويت، بي مثل،فرد، منفرد، يگانو، لاثاني، هڪڙو، هڪ جي ملڪيت، انوکو، لاجواب.

uniramous (يونيريمس) **adj.** having only one branch, as some Crustacean appendages.هڪ شاخ وارو، هڪ عضوي واري سامونڊي جيوت، هڪ عضوي بحري جانور.

unironed (انِ آئرنڊ) **adj.** (esp of clothing, linen) not ironedاستري نه ٿيل، اڻ استريءَ ٿيل ڪپڙا، پوشاڪ، لباس، ويس يا وکو.

uniserial (يوني سيريل) **adj.** in one series or row.هڪ سلسلي ۾ لاڳيتو، قطاري.

uniseriate (يونيسيريٽ) **n.** uniserial. هڪ قطاري، لاڳيتو. سلسليوار.

unisex (يونيسيڪس) **adj.** (of a style, esp in clothes) adopted by both sexes; applicable to or usable by persons of either sex. مرد ۽ عورت ٻنهي لاءِ قابل استعمال. شيون خاص ڪري ڪپڙا، ٻنهي جنسن جي پائڻ لائق ڪپڙو، پوشاڪ جيڪا مرد ۽ عورت ٻئي پائي سگهن. شلوار، قميص، اجرڪ، چادر وغيره.

unisexual (يوني سيڪسيول) **adj.** of one sex only. صرف هڪ جنس وارو، يڪ جنسو.

unison (يوني سن) **n, adj.** identity of pitch; loosely, pitch differing by one or more octaves; a sound of the same pitch; complete agreement. هڪ جهڙائي، هڪ تال، ميلاپ، سلوڪ، هم سازي، ايڪو، ايڪتا، آواز جي هم آهنگي، هم آوازي، ٻن يا ٻن کان وڌيڪ آوازن يا سرن جي پاڻ ۾ هم آهنگي.

unit (يونٽ) **n, adj.** one; a single thing or person; a single element, section or item, regarded as the lowest subdivision of a whole; a group of persons forming a subdivision of a larger body; a distinct part within a piece of electrically powered equipment which has its own specific functions; a single complete domestic fixture combining what are sometimes separate parts; an independently owned dwelling apartment, one of several into which a building is divided; a home unit; the least whole number; anything taken as one; a quantity by reference to which others are measured; of the character or value of a unit; individual. هڪ اڪائي، واحد جزو، ڪنهن به شيءِ جو ننڍي ۾ ننڍو حصو، بنيادي عدد يا ماپ، ايڪو، يڪو، هڪ فرد، هڪ جٿو، بنيادي مقدار، ماپ، الو، برمالو، ننڍو جٿو، گهٽ ۾ گهٽ عمل جيترا ماڻهو، عملو، بجليءَ تي هلندڙ اوزار جو خاص يا اهڙو حصو جيڪو ٻين تي مداري نه هجي، مختلف حصن جو، جيڪي اڪيلي طور به پنهنجو ڪم سرانجام ڏيندا هجن، ڪي جوڙي ناميل هڪ مڪمل نظام يا سرشتو، هڪ وڏي عمارت جو الڳ ۽ مڪمل طور پاڻ مداري حصو، وڏي عمارت جو هڪ مڪمل جُدا گهر يا رهائشهڪڙو، اڪيلو.

unitard (يوني ٽارڊ) **n.** close-fitting one-piece garment extending from the neck to the feet, worn chiefly by dancers, gymnasts. پائڻ جو وڳو جيڪو ڳچيءَ کان پيرن تائين هڪ مڪمل صورت ۾ سبيل هجي (جبو)، رانديگرن، مسترين ۽ ناچن وغيره جي هڪ تنگ پوشاڪ.

Unitarian (يونيٽرين) **n.** someone who asserts the unity of the Godhead as opposed to the Trinity, ascribes divinity to God the father only, and who believes that each congregation should have independent authority; someone who believes in the unity of God, in freedom of, and tolerance of the differences in, religious beliefs, a member of a particular body holding such doctrines; a monotheist generally; a holder of some belief based on unity or union. هڪ خدا تي يقين رکندڙ، ايڪائيءَ، ايشورايڪ وادي مُنڪر، تثليث، ٽن صورتن کي نه مڃيندڙ، الله جي وحدانيت تي يقين رکندڙ، مذهبي عقيدن تي تنقيد نه ڪرڻ وارو، مذهبي عقيدن ۾ فرق رکڻ جي آزاديءَ ۽ سهپ ۾ يقين رکندڙ، ڪنهن مذهبن ۾ اعتقاد نه رکندڙ، هڪ يا واحد تي ايمان رکندڙ.

unitary (يونيٽري) **adj.** pertaining to unity or to a unit; of the nature of a unit; integral; based on unity. وحداني، هڪ جهڙي چيزن متعلق، ايڪي جي (وات، هڪ واري حالت ۾ موجودگي، سڀ شيءِ جي هڪ حالت ۾ هجڻ جو اعتقاد، وحدت الوجوديت.

unitary taxation (يونيٽري ٽيڪسيشن) **n.** the system of taxing multinational companies on their worldwide income rather than merely that received within the area under the taxation authority's jurisdiction. محصول مڙهڻ جو طريقو جنهن ۾ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ڪاروبار ڪندڙ اداري تي هڪ مقرر ملڪ ۾ محصول مڙهيو ۽ وصول ڪيو وڃي بجاءِ الڳ الڳ ملڪن يا هنڌن جي.

unite (يونائٽ) **vt, vi.** to make one; to join into one; to join; to combine; to clasp; to marry; to have in combination; to make to agree or adhere; to become one; to combine; to join; to grow or act together. متحد ڪرڻ، جوڙڻ، گڏ ڪرڻ، ڳنڍڻ، هڪ ڪرڻ، گڏڻ، ملائڻ، گڏجي ملائڻ، گڏجي وڃڻ، ملي هڪ ٿي وڃڻ، هڪ صورت ۾ يا گڏجي عمل ڪرڻ، شادي ڪرڻ، حامي ڀرڻ، پوئواري ڪرڻ.

united (يونائيٽيڊ) **adj.** jointed; combined together; made one. متحدهہ، گڏيل، مليل جليل، مليل، يڪ مشت، جوڙي يا گڏي هڪ ڪيل، ملائي جوڙيل.

unit furniture (يونٽ فرنيچر) **n.** furniture which may be bought as single items rather than as sets or suites. واحد صورت سازو سامان، اهڙو فرنيچر جيڪو مڪمل هڪ يا ڳنڍيل حالت ۾ حاصل ڪجي، سمهڻ جي ڪمري جو هڪ مڪمل سيٽ جنهن ۾ پلنگ، ڊريسنگ ميز، ننڍيون ٽپايون، ڪرسيون وغيره شامل هجن، سڄي ڪمري لاءِ هڪ نمونې يا ڊزائين جو فرنيچر.

unit holder (يونٽ هولڊر) **n.** someone holding a unit of securities in a unit trust. يونٽ يا حصيداريءَ جو ڪارو بار ڪرڻ وارو، يونٽن ۾ سيڙپ ڪندڙ گڏيل ڪاروباري ادارن ۾ سيڙپ ڪاري ڪندڙن طرفان يونٽن ۾ يا حصن ۾ سيڙپ ڪرڻ، ڪاروباري

حصا خريد ڪرڻ. مثلاً دائود گروپ. ليور برادرز گروپ وغيره.

unit of account (يونٽ آف اڪائونٽ) **n.** a monetary unit not necessarily corresponding to any actual denomination of currency and in certain cases of variable value, used as a basis of exchange or comparison or as a unit in accounting. سڪي يا نائي جي ماڻ جو ايڪو جيڪو سڪي مٽائڻ يا ڏي وٺ ڪرڻ لاءِ مقرر ٿيل هجي.

unit-packaging (يونٽ پيڪنگ) **n.** a method of packaging (pills) in which the items are individually encased. گوري، ٽڪي يا ڪيپسول وغيره الڳ الڳ يا جدا جدا حالت ۾ پر هڪ پتيءَ ۾ بند ڪرڻ. مختلف شين کي سموهي هڪ پيڪنگ ۾ رکڻ يا بند ڪرڻ.

unit-pricing (يونٽ پرائيسنگ) **n.** a method of pricing foodstuffs, by showing the cost per agreed unit (eg kilogram or pound) as well as, or instead of, the overall price of the item. شين جي مقرر ماڻ (مثلاً ڪلوگرام، وزن وغيره) مطابق قيمت مقرر ڪرڻ. ڪنهن شيءِ جي مڪمل موجود صورت ۾ مقرر ڪيل قيمت

unity (يونٽي) **n.** oneness; the number one; the state or fact of being one or at one; that which has oneness; a single whole; the arrangement of all the parts to one purpose or effect; a unite. اتفاق، ٻڌي، اتحاد، ايڪو، يڪ وجودي، هڪ جهڙائي، ايڪائي، ايڪتا، وَحدت، وحدانيت، توحيد، فرديت، يگاني، اتفاق، ايڪو، ميلاپ، عدد هڪ، وحدت الوجود.

unity element (يونٽي ايليمينٽ) **n.** an identity element for multiplication. جوڙ جڪ لاءِ ساڳيو عنصر، هڪ جزو جنهن مان واڌ حاصل ڪئي وڃي.

univalent (يونيويلنٽ) **adj, n.** having a valency of one, capable of combining with one atom of hydrogen or its equivalent; (pertaining to) one of the single chromosomes which separate in the first meiotic division. هڪ نشانيءَ وارو، هائيڊروجن جي هڪ جزي سان ملندڙ.

univalve (يوني والو) **adj.** having one valve or shell only; a shell of one valve only; a mollusc whose shell is composed of a single piece. هڪ حصي وارو، هڪ والوَ وارو، هڪ پڙو، هڪ کوڏ واري صورت.

univariant (يوني ويرنٽ) **adj.** having one degree of freedom. هڪ جهڙائيءَ وارو، هڪ طرفي آزاديءَ وارو.

univariate (يوني ويريئيٽ) **adj.** (of a distribution) having one variate only. هڪ شڪل، هڪ نمونو.

universal (يونيورسل) **adj, n.** of the universe; comprehending, affecting, or for use by the whole world or all people; without exception; comprising all the particulars; all-round; unlimited; capable of being applied to a great variety of uses; something which is universal; a universal proposition; a general term; a universal concept. عالمگير، جنهن جو تعلق ڪائنات جي سڀني شين سان هجي، سڀ جو، عام، سرو ويوَمڪ، سڀو، جڳ پڌرو، ساري ڪائنات جو، سارو لوڪڪ، عالمگير اصول يا مٿو، سمورو، عموديسي، وشو، سرويوَمڪ، سرو وياپي، سارو، جملي، سروگت، سروساڌارڻ، ساروڪ، ڪلي، وياپتي، لامحدود، بي حد، گهڻن ۽ مختلف قسمن جي استعمال ۾ ايندڙ جهڙوڪ پاڻي.

universal beam (يونيورسل بيم) **n.** a beam made in a standard size. مناسب درجي وارو شعاع.

universal donor (يونيورسل ڊونر) **n.** one whose blood can be transfused into persons of the other blood groups without causing destruction of their red blood cells. اهڙو ماڻهو جنهن جو رت مختلف قسم جي گروپن وارن ماڻهن کي ڏئي سگهجي، ڏاتار، جيڪو جڳ کي ڏئي.

universal grinder (يونيورسل گرائينڊر) **n.** a versatile machine tool, able to perform external and internal cylindrical grinding, surface-grinding, etc. ڏرڻ، پيهڻ يا گسائڻ جو اوزار جيڪو اندران توڙي ٻاهران گسائڻ جي ڪم آڻي سگهجي، هر قسم جي گسائيءَ يا پيسائيءَ جي ڪم ايندڙ مشين يا اوزار.

universalism (يونيوسلزم) **n.** the doctrine or belief of universal salvation, or the ultimate salvation of all mankind, and even of the fallen angels. سرومڪتي واد، سڀ عالم جي ڇوٽڪاري جو مٿو، سڀني انسانن توڙي شيطان جو آخر ۾ ڇوٽڪاري جو عيسائين جو مَتو، بين الاقوامي عالمي، ڪائناتي اصولن جو مٿو.

universalist (يونيورسلسٽ) **n. adj.** a believer in universalism. عالمگيريت جو اتحادي، اهو عقيدو رکندڙ ته آخرت ۾ سڀ انسان ڇوٽڪارو ماڻيندا، ڪائناتي اصولن کي مڃيندڙ.

universality (يونيورسلٽي) **n.** the state or quality of being universal. عالمگيريت، وياپي، عموميت، ڪليت.

universal joint (يونيورسل جوائنٽ) **n.** joint capable of turning all ways. اهڙو جوڙ يا سنڌ جيڪو هر طرف ڦري سگهي.

universal time (يونيورسل ٽائيم) **n.** mean solar time or Greenwich time, in which the value of the second is subject to irregularities which are due to characteristics of the earth's rotation. گرين وچ وارو ٽائيم يا وقت جو ماڻ جنهن تي سڄي دنيا جي وقت جو نظام ٻڌل آهي.

universe (يونيورس) **n.** the cosmos; a system of stars such as the galactic system; the whole system of things; all that is; the world everyone. عالم، جهان.

ڪائنات، سارو جهان، وستو، جڳت، سرشٽي، تولوڪ، هر هڪ، هن جهان ۾ موجود هر شيءِ، برهماند.

university (يونيورسٽي) n. an institution of higher learning with power to grant degrees, its body of teachers, students, graduates, its college or colleges, or its buildings; a corporate body. مدرسة العلوم، اعليٰ تعليم جو مرڪز، وڏي پڙهائي جو هنڌ، وشو ودياليه، يونيورسٽي، مهــا وداليــہ منڊل، جامع، اعليٰ تعليم جو دارو، ان جون عمــارتون، استاد، شاگرد عملو وغيره.

univocal (يونيووڪل) adj, n. of one voice; having one meaning only; unmistakable; unambiguous; of things of the same species; a word with only one meaning. هڪ آواز هر اواز، هڪ معنيٰ وارو، غيــر مبــهم، هڪ معنائون، هڪ آرٿو، بنا غلطيءَ جي، هڪ جنس وارو، هڪ جنس سان لاڳاپيل، هڪ معنيٰ وارو لفظ.

univoltine (يونيوولٽين) adj. of silkworms, having one brood a year. ريشم جا ڪيڙا جيڪي سال ۾ صرف هڪ دفعو بچا ڪن.

Unix (يونڪس) n. (computer) a multi-user operating system; a very secure and compact operating system dealing with filing. ڪمپيوٽر جو مختلف ماڻهن ۽ مختلف هنڌن تي گڏ ڪم ڪندڙ مربوط نظام، ڪارخانن يا ادارن ۾ ڪم جو گڏيل نظام، ڪمپيوٽر ۾ معلومات رکڻ وارو هڪ انتهائي اهم نظام جنهن ۾ هر قسم جي خفيه معلومات رکي سگهجي ٿي.

unjoin (ان جوائن) vt. detach from being joined; separate. جدا ڪرڻ، الڳ ڪرڻ، جوڙ کولڻ، کولي الڳ ڪرڻ.

unjoined (ان جوائنڊ) adj. not joined. جدا ٿيل اڻ ڳنڍيل، ڌار ٿيل.

unjoint (ان جوائنٽ) vt. to disjoint. بي جوڙ ڪرڻ، جوڙ کان کولڻ خود جوڙ جدا ڪرڻ، ڳنڍ کان کولڻ.

unjointed (ان جوائنٽڊ) adj. disjointed, incoherent; without joints. جدا جوڙ کان سواءِ، بي جوڙ، جوڙن کان کولي جدا ڪيل، الڳ ڪيل، سمجهہ ۾ نہ ايندڙ (ڳالهائڻ)، ٽُٽل ڦٽل، مبهم، بي سنڌو.

unjust (ان جسٽ) adj. not just; contrary to justice or fairness. بي انصاف، انصاف جي خلاف، عدل جي خلاف، ناجائز، ظالم بيجاءِ، آنيائي، بي ايمان، ڪنياءِ، بي انصافيءَ وارو، انرٿ، بي انصافيءَ سان، ناحق.

unjustifiable (ان جسٽي في ئيبل) adj. not justifiable. غير منطقي ناحق، ناجائز، بي واجبي، نادرست، غير واجب.

unjustified (ان جسٽفائيڊ) adj. not justified. نامناسب، ناروا، غير ثابت ٿيل، ناجائز، ناحق، غير واجب.

unked, unket or **unkid** (انڪڊ) adj. strange, uncomfortable, lonely, eerie. بي اڪيلو، پريشان عجيب، هيڪلو، فرحت بي آرام، عجيب غريب، پرمي، سنسائي، الوکو، نيارو.

unkempt (ان ڪيمپٽ) adj. uncombed; scruffy; unpolished, rough. اڻ ناهيل، ڪڍ مڍ ٿيل، بنا پالش جي، الجهيل، بنا صفائيءَ جي، سادو کهرو، منجهيل وار، ادلو گدلو، ڇتا ڇڙيل، ڦٽي نہ ڏٺل ميرو ڪچيرو، ڪنو، مٽيءَ هاڻو، ڪچرو، غليظ.

unkenned or **unkent** (ان ڪينڊ آر ان ڪينٽ) adj. unknown. نامعلوم اڻ ڄاتل، اڻ واقف، اڻ سيڃاتو، غيبائو، آکل، آڳجت، گمنام.

unkennel (ان ڪينل) vt. to dislodge (a fox) from a hole; to let out from a kennel. بي گهر ڪرڻ، جانور کي ڏر مان ٻاهر ڪڍڻ، بند کولي آزاد ڪرڻ.

unkept (ان ڪيپٽ) adj. not kept; untended. نہ رکيل، اڻ ڪيڙيل، اڻ سڌاريل، جهنگلي.

unkillable (آن ڪل ابل) adj. that cannot be killed. جنهن کي ماري نہ سگهجي، نہ مارڻ جهڙو.

unkind (آن ڪائنڊ) adj. lacking in kindness; cruel; unnaturally wicked. ظالم، خبيث، بي چيو، ڪڻاهائو، بي ٻاجهہ، نامهربان، آبوجهو بي درد، بي مهرو، نہ موهي، ايرپ، بي رحم، موذي، بي ڪهليو.

unkindled (آن ڪنڊ لڊ) adj. not kindled. نہ ٻريل، وسايل، اڻ ڏکايل.

unkindliness (آن ڪائنڊلينيس) n. lack of kindliness. نامهرباني، بي مروتي، بي شفقتي، ايرپ، لرموهي، بي حيائي، بي ٻاجهائي، اڻ ٻاجهائي، بي دردي، بي رحمي.

unkindly (آن ڪائنڊلي) adj, adv. unnatural; not kind; in an unkindly manner; cruelly; unnaturally; against right feelings. نامهربان، غير مهربان، سخت، ظالم، غير قدرتي، ظلم واري طريقي سان، نامهربان هلت، غير مروتي رويو، غير قدرتي طريقو، عام طور طريقي خلاف، غلط روش، غلط طريقو.

unkindness (آن ڪائنڊنيس) n. lack of kindness or affection; cruelty; ill-feeling; a flock of ravens. بي رحمي، سنگدلي، بي دردي، ظلم، بي ٻاجهائي، اڻ ٻاجهائي، بي مهرائي، لرموهائپ، ظالمن جو ٽولو، ڪانگن جو ولر.

unking (آن ڪنگ) vt. to deprive of kingship or of a king. تخت کان محروم ڪرڻ بادشاهي ڦرڻ، بادشاهت کان محروم ڪرڻ، تخت تاج کان لاهڻ.

unkingly (آن ڪنگلي) adj. unbecoming a king; unlike a king. بادشاهن جهڙو نہ، غير شاهائو (رويو وغيره).

unkink (ان ڪنڪ) n. lose kinks; become straight. زنجير کولڻ، سڌو ٿيڻ، لسو ٿيڻ، ڪهنج سڌا ڪرڻ.

unkiss (ان ڪس) vt. to annul by means of a kiss. چُمي ڏئي موڪلائڻ، چڏائڻ، جدا ٿيڻ، ڌار ٿيڻ، رد ڪرڻ.

unkissed (ان ڪسڊ) adj. not kissed. اڻ چميل، غير چميل.

unknelled (ان نيلڊ) adj. without tolling. بنا محصول جي.

unknight (ان نائٽ) **vt.** to divest of knighthood.عهدو يا جاگير کسڻ. خطاب واپس وٺڻ.

unknighted (ان نائٽڊ) **adj.** not knighted.بنا خطابي. اڻ بزد. خطاب جي. بنا لقب جي. بنا نالي جي. بنا شهرت جي.

unknightly (ان نائٽلي) **adj, adv.** unlike or unbecoming to a knight; in an unknightly manner..بهادرن وانگر نه. هوڙهائپ. ملڪڙائپ. لرڙائپ. گيدپائي. پاڙپائي.

unknit (ان نٽ) **vt, vi, adj.** to undo the knitting of; to untie; to smooth out (the eyebrows) from a frown; to relax; to become unknitted; loose, not closely compacted or united..جوڙ کولڻ. ڪڻ کولڻ. ڳنڍ کولڻ. (پرون) سڌا ڪرڻ. ڪاوڙ ڇڏڻ. گهنڊ لاهڻ. فرحت ۾ اچڻ. نرم ٿيڻ. ٿڌو ٿيڻ. سوئيٽر جا ڪڻ کولڻ. اکيڙڻ. آڌيڙڻ. ڍرو ڪرڻ. اکيلڻ.

unknot (ان ناٽ) **vt.** to free from knots; to untie.وَڪڙ کولڻ. ڳنڍيون کولڻ. اکيڙڻ.

unknowable (ان نوئبل) **adj, n.** incapable of being known; an unknowable thing; the first or original cause; that which is cognizable only in its relations..نه ڄاتل سمجهه ۾ نه ايندڙ. خبر نه پوندڙ شيءِ يا معاملو. شروعاتي يا پهريون متو. اها شيءِ جنهن جو اثر صرف بين شين وسيلي معلوم ٿئي. سمجهه کان ٻاهر.

unknowing (ان نوئنگ) **adj.** ignorant, unaware; unwitting; unknown; not knowing..بي خبر. اڻ ڄاڻ. اڻ پڙهيل. جاهل. اڻ واقف. بي خبرو. ڄٽ.

unknown (ان نون) **adj, n.** not known; an unknown person or quantity; that which is unknown.معلوم نه ٿيل. نامعلوم. اڻ واقف. اڻجايل. اڻڄاڻ. غير واقف. اڻ سڃاتو. گمنام. اپرچت. اڪلُ. مجيدالو.

unknown quantity (ان نون ڪوانٽٽي) **n.** a person or thing whose nature, significance, cannot be determined.ماڻهو يا شيءِ جنهن جو اصل معلوم نه هجي. اهڙي شيءِ جنهن جو ملهه نه ڀڏائي سگهجي. ماڻهو جنهن جي طبيعت بابت ڪجهه نه چئي سگهجي.

unknown soldier (ان نون سولجر) **n.** an unidentified representative member of a country's armed forces killed in war, given burial with special honours in a national memorial.ڪنهن ملڪ جي فوج جي ڪا اهڙي نمائندي يا سپاهيءَ جي قبر جنهن جو نالو ۽ نشان نه مليو هجي ۽ ان کي جنگ ۾ سمورن نامعلوم مري ويل سپاهين پاران قومي نشان طور رکيو يا دفن ڪيو ويجي.

unlabelled (ان ليبلڊ) **n.** not labelled; without a label. نه لڳل. بنا چٽڪيءَ يا نشانيءَ جي. بنا ليبل يا مونوگرام جي.

unlaboured(ان ليبرڊ) **adj.** showing no traces of labour; un-worked; unrestrained, easy; natural, not contrived or forced..پورهيو نه ٿيل. آسان. طبع خيز. بي محنت. خداداد. سولو. ڪليل. محنت نه ڪيل. زبردستي تيار نه ڪيل. ساهر سنتيءَ سان ٺاهيل.

unlace (ان ليس) **vt.** to free from being laced; to undo the lacing of; to crave (esp of rabbit); to undo, destroy..تباهه ڪرڻ. برباد ڪرڻ. پوشاڪ يا وردي لاهڻ. ڪولي ڇڏڻ. ڪشا کولڻ. ڪهيون يا رسيون کولڻ.

unlade (ان ليڊ) **vt.** to unload..وزن لاهڻ. بار لاهڻ. هلڪو ڪرڻ. خالي ڪرڻ. جهاز مان سامان لاهڻ.

unladen (ان ليڊن) **adj.** not laden.وزن لٿل. اڻ ڀريل. خالي. بنا بار جي. بنا وزن جي.

unladen weight (انليڊن ويٽ) **adj.** the weight of a vehicle when not loaded with goods etc.بنا سامان يا وزن جي گاڏيءَ يا جهاز جو پنهنجو خالي حالت ۾ وزن.

unladylike (ان ليڊي لائيڪ) **adj.** not ladylike..غير نسوالي. سگهڙ زال جي شان وٽان نه.

unlaid (ان ليڊ) **adj.** not laid. وڇايل نه. اڻ وڇايل يا ڪوليل.

unlamented (آن لئمينٽيڊ) **adj.** not lamented..افسوس نه ٿيل. نه پڇتائڻ جهڙو.

unlash (ان لئش) **vt.** to loose the lashings of..بند کولڻ. رسي کولڻ. ڏوريون کولڻ.

unlatch (ان لئچ) **vt.** to lift the latch of.ڪڙو هٽائڻ. لاهڻ. ڪنڊو کولڻ.

unlaw (ان لا) **vt.** to annul, repeal; to fine..منسوخ ڪرڻ. رد ڪرڻ. ختم ڪرڻ. ڏنڊ وجهڻ.

unlawful (ان لافل) **adj.** forbidden by law; illegitimate; illicit; acting illegally..غير قانوني. ناجائز. بيقاعدي. شاسترو. رد. حرام جو. قانون جي خلاف. ناروا. غير شرعي ناحقي. حرام. ناجائز طور.

unlawfully (ان لافلي) **adv.** in an unlawful or illegal manner. غير قانوني طريقي سان. ناجائز طريقي سان.

unlay (ان لي) **vt.** to untwist..وَڪڙ کولڻ. رسي اکيلڻ. کولڻ. چوڙڻ (رسيون).

unlead (ان ليڊ) **vt.** to take the lead or leads from.ڪنهن کان ڄاڻ وٺڻ. حال احوال وٺڻ. نشاني وٺڻ. ڏس پتو وٺڻ. پرو پاند پيچڻ. سڪ لهڻ.

unleaded (ان ليڊيڊ) **adj.** not covered or decorated, with lead; (of petrol) with no added lead; (of type) without leading (printing).اڻ سينگاريل. (پيٽرول) بنا شيهي جي. صاف. هلڪو. (ڇپائي) عام. بنا ڪنهن خاص خوبيءَ جي.

unleal (ان لِيل) **adj.** unfaithful. بيوفا. غدار. بي ايمان. نمڪ حرام.

unlearn (ان لرن) **vt.** to undo the process of learning; to rid one's mind of, eliminate habits of. سکيل وسارڻ، دل ۾ جيڪو ڪجهه هجي ٻاهر ڪڍي ڇڏڻ، دل تان سڀ ڪجهه ميسارڻ، عادتون مٽائڻ، طبيعت بدلائڻ، دل جو غبار ڳهٽائڻ.

unearned[1] (ان لرنڊ) **adj.** having no learning; uneducated; not learnt, got up or acquired; eliminated by unlearning. بي علم، اڻپڙهيل، اڻ حاصل ڪيل، وساري ختم ڪرڻ، ميساري تباهه ڪرڻ. چاڻ نه ورتل، اڻ سکيل، مـورک، جاهل،

unlearned[2] (انلرنڊ) **adj.** that has not been learnt. جيڪو ڪجهه سکيو نه ويو هجي، اڻ سکيل، جنهن بابت ڄاڻ نه هجي.

unlearnt (ان لرنٽ) **adj.** not learnt; eliminated by unlearning. نه سکيل، سکيل، وساري ڇڏيل، ياد ڪيل کي ميسارڻ.

unleash (ان ليش) **vt.** to free from a leash, let go; to release. آزاد ڪرڻ، رسي کولڻ، ڇڏي ڏيڻ، کولي ڇڏڻ، ٽوڙهو کولڻ، واڳهه کولڻ، پٽو لاهڻ (جانور جي ڳچيءَ مان).

unled (ان ليڊ) **adj.** not led, without guidance. بنا رهنما جي، بي وسيلي، بي واهرو، پنهنجي سِر، بنا رستو ڏيکاريندڙ جي، واٽڙو.

unless (ان ليس) **conj.** if not, except, when. جيڪڏهن، انهيءَ ڪانسواءِ، مگر، متان.

unlessoned (ان ليسنڊ) **adj.** not instructed. هدايت نه ڏنل، اڻ پڙهيل، جاهل، اڻ سکيل، چٽ.

unlettable (ان ليٽبل) **adj.** (of a building) that cannot be let, usu because it is in unfit condition. مسواڙ تي نه ڏيڻ جهڙي جاءِ، خراب، نه رهڻ جهڙي، خراب حالت ۾، نامڪمل جاءِ.

unlettered (ان ليٽرڊ) **adj.** unlearned; illiterate; without lettering. جهل، اڻ پڙهيل، اڻ سکيل، اڻ ڪيڙيل، چٽ.

unlicensed (ان لائسنڊ) **adj.** without a license; unauthorized. اجازت نه ڏنل، بنا اجازت جي ري موڪل، بنا اختياريءَ جي، بنا ليسن.

unlich (ان لچ) **adj.** unlike. مختلف، ٻيءَ طرح جو، وانگر نه، اڻ لهندو، ابتڙ، اڻ لهڪندڙ، هڪجهڙو نه.

unlicked (ان لِڪڊ) **adj.** not licked; not licked into shape. شڪل صورت ۾ نه آيل، اڻ چٽيل، اڻ گهڙيل، اڻ ڪٽيل، آڻ چٽيل.

unlid (ان لِڊ) **vt.** to uncover, open. ظاهر ڪرڻ، کولڻ، ڍڪڻ کولي رکڻ.

unlidded (ان ليڊيڊ) **adj.** lidless. ظاهر، بنا ڍڪ جي، اڻ ڍڪيل، کليل.

unlighted (ان لائٽيڊ) **adj.** not provided with light; not set burning. اونداهو، روشن نه ٿيل، اڻ ٻاريل، اڻ روشن، غير روشن.

unlightsome (ان لائٽ سم) **adj.** without light. روشني کان سواءِ، اونداهو، اڻ روشن، غير روشن.

unlike (ان لائيڪ) **adj, adv.** not like; different from; unlikely; someone who or something which is unlike. مختلف، وانگر نه، نامواقف، ٻي طرح جو، اڻ لهندو، ابتڙ، اڻ ميل، نه ملندڙ، هڪجهڙو نه.

unlikeable or **unlikable** (ان لائيڪبل) **adj.** not likeable. غير امڪاني، اڻ وڻندڙ، اڻ لهڪڻو.

unlikelihood or **unlikeliness** (ان لائيڪلي هُڊ آر آن لائيڪلنيس) **n.** improbability. اڻ ٿيڻو، نه ٿيڻ جهڙو محال، ڏکيو.

unlikely (ان لائيڪلي) **adj.** not likely; improbable; unpromising; unprepossessing; unsuitable; in an unlikely manner, improbably. نه ٿيڻ جهڙو، ناممڪن، نه اميد جهڙو، اڻ ٿيڻو، غير مناسب، نامناسب طريقي سان.

unlikeness (ان لائيڪنيس) **n.** lack of resemblance. نه ملندڙ، ٻئي مهانڊي وارو، مختلف شڪل صورت.

unlimber (ان لمبر) **vt.** to remove a gun from its limber ready for use. توپ جي اڳين حصي کي جدا ڪرڻ، توپ کي هلائڻ لاءِ تيار ڪرڻ.

unlime (ان لائيم) **vt.** to free from lime. چونو هٽائڻ، تهه لاهڻ، (سيڙهي)

unlimed (ان لائيمڊ) **adj.** not limed. چونو نه ٿيل، رنگ نه ٿيل، (سيڙهيءَ) جو رنگ.

unlimited (ان لميٽيڊ) **adj.** without limit; unrestricted; very great in number or quantity. بي حد، غير محدود، بي انتها، اڻ ڳڻيل، کُلي ٻي الت مطلق، بي سَد، اڻ لهرايل، غير مقرر، بي اندازو، لاتعداد.

unline (ان لائين) **vt.** to remove the lining from. استر لاهڻ، ڪناري کولڻ، تهه لاهڻ، استر اُڌيڙڻ، بخيا ڪڍڻ.

unlined (ان لائينڊ) **adj.** without lines or lining. بنا استر جي، بنا تهه جي، بنا ڪناريءَ يا اوليءَ جي.

unlink (ان لنڪ) **vt.** to undo the linking or links of; to become unlinked. رشتو يا تعلق ختم ڪرڻ، ٻڌڻ يا بند کولڻ، جُدا ڪرڻ، الڳ ڪرڻ، الوڏڻ، ڪڙي ڪڙي ڪري ڌار ڪرڻ.

unlinked (ان لنڪڊ) **adj.** not linked. رابطو نه ٿيل، جدا، الڳ، لاتعلق، غير واسطيدار، اڻ ڳنڍيل.

unliquidated (ان لڪئيڊيٽيڊ) **adj.** not liquidated. حساب نه ملندڙ، چالو، غير ڏيوالو ٿيل، اڻ ڏيواليل، مالي طور مضبوط.

unliquored (ان لِڪَرڊ) **adj.** not in liquor, sober. بنا نشي جي، هوش ۾، حواس جاءِ، شراب نه پيتل، با حواس.

unlisted (ان لسٽيڊ) **adj.** not entered in a list; (of a telephone number) not listed in a directory, ex-directory; (of companies and securities) not quoted on the Stock Exchange's official list. فهرست ۾ نه آيل، درج نه ٿيل، فون نمبر جيڪو ڪتاب ۾ درج نه هجي، پتو

جيڪو رجسٽر ۾ داخل نه هجي، لِکل، پُڇهو، ڪاروباري ادارو جنهن جا حصا عام ماڻهوءَ جي وڪري لاءِ موجود نه هُجن.

unlistened (ان لسنڊ) **adj.** not listened to. نه ٻڌل، اڻ ٻڌل، ڌيان نه ڏنل، ٽاريل، خيال نه ڏنل، نظر انداز ڪيل، ٽاڻيل.

unlit (ان لٽ) **adj.** not lit. اڻ ٻرندڙ، اڻ ٻريل، اڻ ڏڪايل، اجهاميل، وساميل، اڻ روشن، اونداهو.

unlivable (اَن لِوِبَل) **adj** that cannot be lived or lived in. جتي رهي نه سگهجي، اوجهڙ، برباد ٿيل.

unlive (ان لِو) **vt** to undo the living of; to live in the contrary manner to; to live down; to deprive of life. مختلف طور، خلاف طرز رهڻ، رهائش ختم ڪرڻ، رهائش ڇڏڻ، تي رهڻ، بي لڪو رهڻ، زندگيءَ کان محروم ڪرڻ، حياتي وٺڻ.

unlived-in (ان لِوڊ ان) **adj** not lived in. برباد، غير آباد، وانجهيل.

unload (ان لوڊ) **vt, vi** to take the load or charge from; to discharge; to disburden; to remove as a load; to get rid of; to dump; to discharge freight. بار لاهڻ، وزن لاهڻ، بار هلڪو ڪرڻ، خالي ڪرڻ، هلڪو ڪرڻ، بار لاهڻ، جان ڇڏائڻ، آجو ٿيڻ، اڇلائي ڦٽو ڪرڻ.

unloaded (ان لوڊيڊ) **adj** not loaded; discharged. وزن نه پيل، خالي، وزن خالي ڪيل، بار لاٿل.

unlocated (ان لوڪيٽيڊ) **adj** not located; not surveyed or marked off. اڻ جاچايل، هنڌ نه ڳوليل، نقشي تي نه ڏيکاريل، سروي نه ڪيل، نه ڳوليل، اڻ پڙتاليل.

unlock (ان لاڪ) **vt, vi** to undo the locking of; to free from being locked up; to let loose; to open, make accessible, or disclose; to become unlocked. کولڻ، تالو کولڻ، قلف لاهڻ، کولي ڇڏڻ، آزاد ڪرڻ، پهچڻ لائق بنائڻ، آزاد ٿيل، بند کليل، رسائيءَ جي قابل هجڻ، ظاهر ڪرڻ، نروار ڪرڻ، پڌرو ڪرڻ.

unlogical (ان لاجيڪل) **adj** not logical; illogical. غير معقول، بي واجبي، غير منطقي، نامعقول، لياڻي.

unlooked (ان لڪڊ) **adj** not looked at. نه جاچڙو نه ورتل، نه سنڀاليل.

unlooked-for (ان لڪڊ فار) **adj** unexpected; unforeseen. غير متوقع، اوچتو، اچانڪ، اڻ رٿيو، اڻ ڏٺو، اڻ چتائو، نه من نه چت، نا پيش ديده، اتفاقاً اڻ سرت.

unloose or **unloosen** (ان لوز يا ان لوزن) **vt** to loosen, unfasten, detach; to set free; to discharge a debt etc. آزاد ڪرڻ، کولڻ، جدا ڪرڻ، قرض يا جوابداري لاهڻ، واندو ٿيڻ.

unlord (ان لارڊ) **vt** to strip of the dignity of a lord. شاهي کسڻ، عهدو يا خطاب ڦرڻ.

unlorded (ان لارڊيڊ) **adj** deprived of, or not raised to, the rank of lord; not lorded over, without a lord. سرداري کان سواءِ، سرداري نه مليل، هيٺائين عهدي وارو، بنا مالڪ جي، لاوارث، بي ميرو.

unlovable (ان لوبل) **adj** not lovable. پيار لائق نه هجڻ، پيار نه ڪرڻ جهڙو، نفرت لائق، اڻ وڻندڙ، ڌڪاريل، قابل نفرت.

unlove (ان لوِ) **vt, n,** to cease to love; not to love; absence of love. پيار نه ڪرڻ، پيار جي غير موجودگي، اڻوندڙ، حالت، ڌڪارڻ.

unloved (ان لوڊ) **adj** not loved. پيار نه ڪيل، اڻ وڻندڙ، نظر انداز ڪيل.

unlovely (ان لولي) **adj** not attractive; unpleasant, ugly. نه وڻندڙ، ڪنو، گندو، ڪراهت جوڳو، نفرت لائق، بد زيبو.

unloving (ان لوَنگ) **adj** not loving. پيار نه ڪندڙ، نه وڻندڙ.

unluckily (اَن لڪِلي) **adv** in an unlucky way; by bad luck; I'm sorry to say; unfortunately. بدقسمتيءَ سان، بد نصيبيءَ سان، ارمان سان چوڻو ٿو پوي، ڏک يا غم سان، افسوس آهي ته! ڪم نصيبين! ڏکن ڪي!

unlucky (اَن لڪِي) **adj** unfortunate; ill-omened; bringing bad luck; not praiseworthy; wretched; ill-judged; not successful. بدقسمت، نڀاڳو، نحس، پٽيل، نپٽيو، منحوس، ڪم بخت، ناڪام، ڪم نصيب، بدبخت، بدنصيب، ڪرم هيڻ، ندورو، نامراد، ادورو، ناڪام، هارايل.

unmade (ان ميڊ) **adj.** not made or not yet made; self-existent; subjected to unmaking. نه ٺهيل، اڻ ٺهيل، پاڻ مرادو موجود، اڻ تيار ڪيل، ڊاٺل، ڪوليل، برباد ڪيل، تباهه ڪيل.

unmade-up (ان ميڊ اپ) **adj** not made up; (of a road) not made; (of a person) not wearing make-up. نه ٺاهيل، نه تيار ڪيل، (رستو) تيار نه ٿيل، (ماڻهو) بنا ٺاهه ٺوهه جي، اصل حالت ۾.

unmaidenly (ان ميڊن لِي) **adj** unbecoming a maiden; not like a maiden. عورت جي شان وٽان نه، بي شاناٽي، ڳهيلي، واڇاڻ، بنا هار سينگار جي.

unmailable (ان ميلَبل) **adj.** incapable of being transmitted or delivered by post. خط ذريعي نه موڪلڻ جهڙو، لپال ذريعي نه موڪلڻ جهڙو، پوسٽ نه ڪرڻ جهڙو.

unmailed (ان ميلڊ) **adj** not clad in mail; not sent by post. بنازره جي، بنا لفافي يا پوش جي، لپال رستي نه موڪليل.

unmalleable (ان ميلبل) **adj** not malleable. غير ورق پذير، سنهو نه ٿيندڙ، ورقن جي صورت ۾ نه ايندڙ، سخت.

unmake (ان ميڪ) **vt,** to undo the making of; to undo, ruin. تباهه ڪرڻ ڦٽائڻ، ڊاهڻ، مٽائڻ، برباد ڪرڻ.

unman (ان مئن) **vt** to deprive of the nature, attributes or powers of humanity, manhood or maleness; to deprive of fortitude; to deprive of men. شجاعت کسڻ، مردانگي وڃائڻ، جوهر ختم ڪرڻ، قوت ختم ڪرڻ، انسانيت کان وانجهڻ، بي همت ڪرڻ، پاڙيو ڪرڻ، کسي ڪرڻ، ڪمزور ڪرڻ.

ماڻهپو گهٽ ڪرڻ. ماڻهپي ڪان وانجهڻ.

unmanageable (ان مينيجبل) **adj** not easily managed; manipulated or kept under control. جنهن کي سنڀالي نه سگهجي، آجهل، بي چيو، سرڪش، منهن زور، بي لغام.

unmanaged (ان مئنيجڊ) **adj** not handled or directed in a controlled way; (of land) left wild; in a natural state. پوري طرح نه سنڀاليل، اڻ سنڀاليل، اڻ ڪيڙيل، اڻ سڌاريل. (زمين) غير آباد، اصل حالت ۾، اڻ ڪيڙيل، منظم نه ڪيل.

unmanly (ان مئنلي) **adj.** not becoming a man; unworthy of a noble mind; base; cowardly. غير مردانگي، نامرد، زنانو، بزدل، ابرڻ، ڪانئر، ٻاڙيو، گيدي، ڪنو، گندو، ڪنهن ڪم جو نه.

unmanned (ان مئنڊ) **adj** without a crew; without a garrison; without inhabitants; untamed (esp of a hawk); deprived of fortitude. افرادي قوت کان سواءِ ماڻهن کان سواءِ، خلاصين کان سواءِ، فوج کان سواءِ آباديءَ کان سواءِ، اڻ ڪيڙيل (باز)، ڌيرج کان وانجهيل، غير استقلالي، ٻاڙيو.

unmannered (ان مئنرڊ) **adj** unmannerly, bad-mannered; not affected or pretentious, free from mannerism. بي ڍنگو، بد اخلاقي، بدتهذيبو، بد اخلاق، بنا ڏيکاءَ کان سواءِ اڻ ڪيڙل اڍنگو، ڪڍنگ، بي فضيلتو، بدفضيلتو.

unmannerly (ان مئنرلي) **adj** not mannerly; ill-bred; in an unmannerly manner. بي فضيلتو، بي ادب، بي ڪرو، اڍنگو، گستاخ، بد اخلاق، ڪڍنگو، چلولو، اڻ سڌريل.

unmantle (ان مئنٽل) **vt, vi** to divest of a mantle; to dismantle; to take off one's mantle. بي سهارو، حق کسڻ، لباس لاهڻ، ڇاهڻ، ڪپڙا لاهڻ، پردو لاهڻ، برقعو لاهڻ، حجاب لاهڻ، پوتي لاهڻ.

unmanufactured (انَ مينيو فيڪچرڊ) **adj** in a raw state. تيار نه ٿيل، اصل حالت ۾، ڪچو، غير جڙيل، خام.

unmanured (ان مينيو ئرڊ) **adj** not manured; untilled تيار نه ٿيل، غير زرخيز، اڻ ڪيڙيل، ٻاڻ نه ڏنل، غير آباد.

unmapped (ان مئپڊ) **adj** not represented on a geographical or chromosome map; unexplored. نقشي تي نه ڏيکاريل، اڻ ڏٺل، اڻ ڇڪاسيل، سروي نه ٿيل، پڙتال نه ڪيل.

unmarked (ان مارڪڊ) **adj** bearing no mark; not noticed. توجه ۾ نه آيل، بنا نشان جي، بنا ڪنهن خاص نشان جي.

unmarketable (ان مارڪيٽبل) **adj** not suitable for the market, not saleable. ناقابل فروخت، غير وڪري پذير، نه وڪڻڻ جهڙو، ناقابل استعمال.

unmarred (ان مارڊ) **adj** not marred. خراب نه ڪيل، ليڪ ناڪ.

unmarried (ان ميرڊ) **adj** not married, usu never having been married; freed from marriage. شادي نه ٿيل، غير شادي شده، اڻ پرڻيل، ڇڙو، ڪنوارو، شاديءَ کان آزاد ٿيل.

unmarry (ان مئري) **vt, vi** to dissolve the marriage of; to dissolve one's marriage. شادي ختم ڪرڻ، خلعو يا طلاق ڏيڻ، شاديءَ جو بندڻ ختم ڪرڻ.

unmask (ان ماسڪ) **vt, vi** to take a mask or a disguise from; to discover the identity of a thief; to reveal the place of a gun or battery by firing; to expose, show up; to take off a mask. نقاب لاهڻ قلعي کولڻ، وک يا پڙ پڌرو ڪرڻ، ظاهر ڪرڻ، پول پڌرو ڪرڻ، (ڄائي) ظاهر ڪرڻ، پردو لاهڻ، چور کي سڃاڻڻ، توپ يا گوليءَ جي اچڻ جي جاءِ ڇڪاسڻ لاءِ اگرائي ڪري گولا ڇوڙڻ، بهروپ وا،ڪو ڪرڻ.

unmasked (ان ماسڪڊ) **adj** not wearing a mask; undisguised; divested of mask or disguise; of identity, revealed. بنا نقاب جي، بنا حجاب جي، کليل، ظاهر، بنا لڪ جي، سڃاڻڻ جهڙو، ٻڌل، ڇاتل، سڃاتل.

unmastered (ان ماسٽرڊ) **adj** uncontrolled; not overcome; without a master. مالڪي نه ٿيل، بنا اثر رسوخ جي، اڻ ڪيڙيل، بنا مالڪ جي، لاوارث، رولو، ڇڙواڳ، بي لغام.

unmatchable (ان مئچبل) **adj** that cannot be matched. جنهن کي پيٽائي نه سگهجي، نه پيٽائڻ جهڙو، لاثاني، بي نظير، بي مثل، لاجواب، بنا جوڙ جيس.

unmatched (ان مئچڊ) **adj** not matched or equalled. اڻ پيٽيل بي مثل، اڻ مَٽ، بي نظير، لاثاني، لاجواب.

unmaterial (ان مٽيريل) **adj** not composed of matter. غير مادي، غير جسماني، روحاني، هوائي، خيالي.

unmatured (ان مئچوئرڊ) **adj.** not yet matured. نابالغ، اڻ تيار، ڪچو، ناقابل استعمال.

unmeaning (ان مينِنگ) **adj** meaningless; purposeless; expressionless. معنيٰ کان سواءِ، بي معني، بي مقصد، بنا ڪنهن احساس جي، غير احساسي، بي مطلبو.

unmeant (ان مينٽ) **adj** not meant or intended. نيت نه ڪيل، غير ارادي، بنا ارادي جي، بنا مطلب جي، اظهار کان وانجهيل.

unmeasurable (ان ميزابل) **adj** immeasurable; too great to measure; inordinate; not capable of being measured. جنهن کي ماپي نه سگهجي، بي اندازو، اڻ ميو، بي حساب، بي حد، اڻ توريو، اڻ تڪيو، اَپار.

unmechanize (-ise) (ان مڪينائز) **vt,** to disorganize. ميٽ مٽي ڪرڻ، غير مشيني اٿل پٿل، منجهائڻ، بي ترتيب ڪرڻ، ترتيب ويڙهڻ، غير منظم ڪرڻ، بدنظمي ڦهلائڻ، انتظام ڦٽائڻ، ڦيناڙو وجهڻ.

unmechanized (ان ميڪينائزڊ) **adj** disorganized; not mechanized. غير مشيني، منجهيل، اٿل پٿل ٿيل، بي ترتيب ٿيل.

unmediated (ان ميڊيئيٽيڊ) **adj.** with no intervention; directly perceived. وچ واري ذريعي نه ٿيل، بنا ٻاهرين مدد جي، سڌو سنئون سمجهيل، بنا ڏس جي، ٻاڻ مرادو عمل ڪار.

unmedicinable (ان ميڊيسنبل) **adj** incurable; unable to

cure. ناقابل علاج، اڻ چِٽندڙ، لاعلاج.

unmeditated (ان ميڊيٽيٽيڊ) **adj** not meditated; unpremeditated. ارادو نہ ٿيل، بنا ارادي، جي، بنا اڳوات تياريءَ جي، بنا سوچ سمجھ جي.

unmeet (آن ميِٽ) **adj** not meet, unfit..غير موزون، اڻ ملندڙ، اڻ مليل، اڻ ڄاڻ، اڻواقف.

unmelodious (آن ميلوڊيس) **adj** not melodious, discordant سُر کان سواءِ، بي سرو، بي ڍنگو، سر کان نڪتل، اڻ نهڪندڙ، بي تالو.

unmelted (ان ميلٽيڊ) **adj** not melted. اڻ رڃايل، ثابت، سخت.

unmemorable (ان ميموربل) **adj** not memorable.ياد نہ رکڻ جهڙو، عام، غير يادگاري.

unmentionable (ان مينشنبل) **adj** not fit to be mentioned; undergarments; trousers; a person or thing not be mentioned. نہ ٻڌائڻ جهڙو، نہ ظاهر ڪرڻ جهڙو، اندريان ڪپڙا، هيٺين بدن جي پوشاڪ، ماڻهو يا شيءِ جنهن جو ذڪر نہ ڪري سگهجي، ناقابل ذڪر.

unmentionables (ان مينشنبلس) **n.pl.** otherwise inexpressibles, a 19c AD humorous name for trousers; now humorously used for articles of underclothing.آهي ڳالهيون جيڪي ٻڌائي نہ سگهجن، تذڪرو نہ ڪرڻ جهڙيون، ڪل جهڙيون شيون يا ڳالهيون، اندريان ڪپڙا جيئن ڪڇو، چڍي، انگي وغيره.

unmentioned (ان مينشنڊ) **adj** not mentioned..ظاهر نہ ٿيل، نہ ڏسيل، نہ ٻڌايل، تذڪرو نہ ٿيل، ڪتابن ۾ نہ آيل.

unmerciful (ان مرسيفل) **adj** merciless; excessively and unpleasantly great.بي رحم ظالم، نرديا، بي قياس، ڏاڍا سر، سنگدل، ڏاڍاسر.

unmeritable (ان ميريٽبل) **adj** undeserving.قابليت ۽ خوبي نہ رکندڙ، نالائق، غير واجب، بنا ڪنهن خاص خوبيءَ جي.

unmerited (ان ميريٽيڊ) **adj** not merited..درجي ۾ نہ آيل، نالائق، ناقابل، غير واجب، ناحق جو، انصاف جي برخلاف، اپوڪيو.

unmet (ان ميٽ) **adj** not met; (of a payment or need) not satisfied..مطمئن نہ ٿيل، نہ پهتل، ضرورت پوري نہ ٿيل، پوري رقم واپس نہ ڪيل.

unmetalled (ان ميٽلڊ) **adj** (of a road) not surfaced with road metal.رستو جيڪو پڪو نہ ٿيل هجي، غير پڪو رستو، ڪچو رستو، ڪچو دڳ.

unmeted (ان ميٽيڊ) **adj** not meted or measured.ماپ نہ ورتل، اڻ ميو، بي حساب، بي انداز، بي شمار، بي حد.

unmethodical (ان ميٿاڊيڪل) **adj** not methodical.سليقہ کان سواءِ، بي ڍنگو، ڪڍنگو، اڻ سٽاڻتو، غير ترتيب وار، غير سلسليوار، اڏنگو.

unmetrical (ان ميٽريڪل) **adj** not metrical.غير موزون، بي سرو، بي بحر، بي وزن.

unmew (ان ميو) **vt** to free, to release as if from a mew or cage..قيد مان ڪڍڻ، پڃري مان ڪڍڻ، آزاد ڪرڻ، کولي ڇڏڻ.

unmilitary (ان ملٽري) **adj** not military.غير عسڪري، غير فوجي.

unminded (ان مائنڊڊ) **adj** unheeded.ڌيان نہ ڏنل، نہ هندايل، نہ سوچيل، اڻ ٻڌو ڪيل، اڻ سڻيل.

unmindful (ان مائنڊ فل) **adj** not keeping in mind, regardless of. ذهن ۾ نہ رکندڙ، غافل، بي فڪرو، بيپرواهہ، اڇيت.

unmissible (ان مِسبل) **adj** that cannot or should not be missed. جنهن کي ڇڏي نہ سگهجي، نہ وسرڻ جوڳو.

unmistakeable (ان مسٽيڪبل) **adj.** that cannot be mistaken or doubted.جنهن ۾ غلطي نہ ڪري سگهجي، جنهن ۾ غلطي نہ هُجي، صفا، پڌرو، صريح، صاف، ظاهر.

unmistaken (ان مسٽيڪن) **adj** not mistaken; right; correct. صحيح، بنا غلطيءَ جي، بنا چوڪ جي، درست، صاف.

unmitigable (ان متيگيبل) **adj** that cannot be mitigated. جنهن کي گهٽائي نہ سگهجي، نہ گهٽائڻ جهڙو، اٽل، جنهن کي دور ڪري نہ سگهجي (جيئن ڏک درد وغيره)، ۽ اڻ مِٽ.

unmitigated (ان متيگيٽڊ) **adj** not mitigated; unqualified, out-and-out.گهٽايل نہ هجڻ، اڻ گهٽيل، کلم کلو، ظاهر ظهور، دور نہ ڪيل، بنا شرط شروط جي.

unmixed (ان مڪسڊ) **adj** not mixed..غير ملاوٽي، اڻ مليل، لرو، خالص، نج، نبار، نجو، اڪسو (چالور)، ملايل، نہ هجي.

unmixed blessing (انمڪسڊ بليسنگ) **n.** a thing having advantages and no disadvantages.اهڙي شيءِ جنهن ۾ فائدو ئي فائدو هجي، غير نقصانڪار عمل، مڪمل فائدي وارو.

unmoaned (ان مونڊ) **adj** not lamentedفرياد نہ ٿيل، آهہ نہ پريل، افسوس نہ ڪيل، غير غمائتو، غير ڏکوئيندڙ، جنهن تي رئو نہ ويو هُجي.

unmodernized (ان ماڊرنائزڊ) **adj** (of a house) not modernized; retaining the original features.(گهر) جديد نہ بڻايل، پراڻو اصل حالت ۾، اصلي شڪل صورت ۾، ابتدائي يا شروعاتي حالت ۾.

unmodified (ان ماڊيفائڊ) **adj** not modified..روبدل نہ ٿيل، اصل حالت ۾، ساڳيءَ صورت ۾ .

unmodish (ان موڊش) **adj** unfashionable.غير فيشني، فيشن جي ابتڙ، دقيانوسي.

unmodulated (ان مودوليٽڊ) **adj** not modulated.ترتيب تي نہ آيل، بي سُرو، هڪ سُر ۾، غير سُريلو.

unmolested (ان موليسٽڊ) **adj.** not molested.اڻ ڏکايل، اڻ آزاريل، غير دکي، عزت وارو، بي عزت نہ ڪيل، نقصان نہ پهچايل، اڻ ڇيڇلايل.

unmoneyed or **unmonied** (ان منيڊ) **adj** without money; not rich; poor..تهي دست، مسڪين، ويچارو، فقير، غريب.

لاهڻ، پوتاڙو لاهڻ.

unmurmuring (ان مرمرنگ) **adj** not complaining. ٻڙ ٻڙ نہ ڪيل، شڪايت نہ ڪندڙ، نہ رنجايل، غير شڪايتي، شڪايت نہ ڪندڙ.

unmusical (ان ميوزيڪل) **adj** not pleasing to the ear; unskilled in or indifferent to music. غير سريلو، بي سرو، بي تالو، موسيقيءَ جي ڄاڻ نہ رکندڙ، ڪنن کي نہ وڻندڙ.

unmutilated (ان ميوٽيليٽڊ) **adj** not mutilated. مسخ نہ ٿيل، اصل حالت ۾، ضايع نہ ڪيل، صحيح حالت ۾.

unmuzzle (ان مزل) **vt** to take a muzzle of. زبان کولڻ، پوتاڙ لاهڻ.

unnail (ان نيل) **vt** to free from nails or from being nailed. کلي ڪڍڻ، کوڪا ڪڍڻ، کوڪا ڪڍي کولي جدا ڪرڻ.

unnamable or **unnameable** (ان نيميبل) **adj** impossible to name; not to be named. نالو نہ ڏيڻ جهڙو، نالو نہ کڻڻ يا وٺڻ جهڙو، گمنام، بي نام سمجهہ ۾ نہ ايندڙ، بنا سڃاڻپ جي.

unnamed (ان نيمڊ) **adj** not named. نالي کانسواءِ شهرت کانسواءِ، بي نام، بي نالي، اناميڪا، گمنام.

unnative (ان نيٽو) **adj** not native. پرديسي، پرڏيهي، ٻاهريون، ڌاريو، مهاجر، غير ملڪي.

unnatural (ان نيچرل) **adj** not according to nature; without natural affection; monstrous, heinous; (of a sexual, vice) considered not only immoral but also unacceptably indecent or abnormal. غير حقيقي، بناوٽي، غير قدرتي، قدرتي قانون جي ابتڙ، آسياويڪ، غير طبعي، مجازي، غير فطري، خلاف طبع، سرشت ورد، لرموهي، بي بناوٽي، غير اخلاقي، بد اخلاقي، غير فطرتي، بد شڪل، مصنوعي.

unnaturalize (-ise) (ان نيچر لائيز) **vt** to make unnatural; to divest of nationality. غير قدرتي يا غير حقيقي حالت ۾ آڻڻ، ملڪي شهريت کسڻ، قوميت ڦرڻ، ملڪ بدر ڪرڻ.

unnaturalized (ان نيچرلائيزڊ) **adv** not naturalized. پنهنجو نہ بڻايل، ڌاريو، ٻاهريو، غير ملڪي، ملڪي شهريت نہ مليل، مهاجر.

unnaturally (ان نيچرلي) **adj** in an unnatural or improbable way. غير فطري طرح، اڻ وڻندڙ طريقي مطابق.

unnavigable (ان نيويگبل) **adj.** (of a waterway or sea) not able to be sailed on by ships or boats; in an unnatural or improbable way. (پاڻي) جنهن ۾ ٻيڙيءَ ۾ سفر نہ ڪري سگهجي، مسافري نہ ڪرڻ جهڙو، ڏکيو، مشڪل، تانگهو.

unneath (ان نيٿ) **prep** underneath. هيٺيان، هيٺ، هيٺئين، طبقي ۾، زمين دوز، زير زمين.

unnecessary (ان نيسري) **adj** not necessary. غيرضروري، اجايو، بي فائدو، هريروءَ جو، اڻ ضروري.

آٻالو، آتابلو، ڪنل، سڃو، ڪنگال، مفلس.

unmoor (ان مور) **vt, vi** to loose from moorings; to cast off moorings. لنگر کڻڻ، ٻيڙيءَ ڇوڙڻ، (جهاز جو) روانو ٿيڻ.

unmoral (ان مارل) **adj** having no relation to morality; amoral. بد ڪردار، لوفر، بد اخلاق، اخلاق کان وانجهيل.

unmorality (ان مارلٽي) **n** detachment from questions of morality. بد ڪرداري، بد اخلاقي، اخلاقي اقدار کان ٻاهر.

unmoralized (ان مار لائيزڊ) **adj** not moralized upon; having no moral attached; without morality اخلاقي طرح خراب ٿيل، بد اخلاق، بد ڪردار، اخلاق کان وانجهيل، لچو، لوفرپائيءَ وارو.

unmortised (ان مورٽائيزڊ) **adj** disjoined from a mortise. جوڙ کان کوليل، ڪاٺيءَ مان نڪتل، سَل کان ٻاهر ڪڍيل.

unmotherly (ان موٿرلي) **adj** not motherly. ويڳي ماءُ وانگر، غير مادري رويو يا سلوڪ، ماٽيلي ماءُ جيان، اوپري.

unmotivated (ان موٽيويٽڊ) **adj** having no motive; lacking incentive. سبب کان سواءِ، آسري يا اميد کان سواءِ، بي مقصد، مقصد کانسواءِ، سهولتن کانسواءِ.

unmotived (ان موٽيوڊ) **adj** without motive; without an artistic motive. بي مقصد، بنا ڪنهن اقتداري مقصد جي، غير ادبي.

unmould (ان مولڊ) **vt** to change or destroy the form of. روپ بدلائڻ، صورت مٽائڻ، حالت بدلائڻ، ڊاهڻ، ڦٽائڻ.

unmoulded (ان مولڊڊ) **adj** not moulded. روپ نہ بدلايل، نہ ٺاهيل، ٻيهڪ نہ ڏنل، غير روپي.

unmount (ان مائونٽ) **vt, vi** to remove from mountings or mount; to dismount; هيٺ لاهڻ، فريم مان ڪڍڻ، هيٺ لاهي رکڻ، سواريءَ تان لهڻ، زمين تي اچڻ.

unmounted (ان مائونٽڊ) **adj** not mounted. مٿي نہ چڙهيل، فريم نہ ٿيل، اڻ لنگهيل.

unmourned (ان مرنڊ) **adj** not mourned. ماتم نہ ٿيل، بنا افسوس، بي غم.

unmoveable (ان مووبل) **adj** immovable; not movable جنهن کي حرڪت نہ ڏئي سگهجي، نہ چورڻ جهڙو، بيٺل، ڪوڙيل، مضبوط، پڪو.

unmoved (ان مووڊ) **adj** firm, not moved; not persuaded; not touched by emotion, calm. مضبوط، پڪو، بي اثر، اچل، غير متحرڪ، ڪٺور، خاموش، ماٺيڻو، بي حس.

unmoving (ان مووِنگ) **adj** not moving; still; not emotive. نہ ڦرندڙ، غير متحرڪ، بيٺل، ڪوڙيل، مضبوط، غير جذباتي، احساس کان عاري.

unmown (ان موون) **adj** not mown. چير بيٺل، گاهہ نہ ڪٽيل.

unmuffle (ان مفل) **vt, vi** to take a muffle, muffling or covering from; to throw off mufflings. ڪپڙو يا ڍڪ هٽائڻ، ڍڪ کولڻ، مٿان ويڙهيل يا چاڙهيل فريم يا پٽو کولڻ، پردو

unneighbourhood (ان نيبر هوڊ) **adj** without neighbours. پاڙي کن سواءِ، بنا پاڙي جي، پاڙي وارن کانسواءِ، لوڻيو، اڪيلو، اوجهڙ.

unneigbourly (ان نيبرلي) **adj** not neighbourly, friendly or social; in an unneighbourly manner. غير دوستاڻو، پاڙي وارن سان سٺو ورتاءُ نه ڪندڙ، نه اٿندڙ ويهندڙ، لا تعلق، جهڳڙالو، نا مهربان ڦڏي، فسادي.

unnerve (ان نرو) **vt** to deprive of nerve, strength or vigour; to weaken; to disconcert. طاقت کسڻ، قوت کسڻ، ڪمزور ڪرڻ، پريشان ڪرڻ، همت گهٽائڻ بي زور ڪرڻ، ڊيڄارڻ، اسمرٿ ڪرڻ، دل ڏڪائڻ، منجهائڻ، هيسائڻ، دل شڪستو ڪرڻ، دل برداشتو ڪرڻ.

unnest (ان نيسٽ) **vt** to turn out of a nest. در بدر ڪرڻ، گهر مان ڪڍڻ، لڏو پٽائڻ، آکيري مان اڏارڻ.

unnetted (ان نيٽڊ) **vt** not enclosed in a net. جار ۾ نه ڦاٿل، جار ۾ بند نه ٿيل، ٻاهر، کليل.

unnoble (ان نوبل) **adj** not noble, ignoble, to deprive of nobility بي مهابو، بد فضيلت، بد اخلاق،گهٽيا، وڏ ماڻهپائي کان لڪتل، مردود، ويل، ڪنو، بي فضيلتو.

unnoticeable (ان نوٽيسبل) **adj** not easily seen or noticed. جنهن تي ڌيان نه ڏئي سگهجي، ڌيان ۾ نه ايندڙ، نظر انداز ٿيل، معمولي.

unnoticed (ان نوٽيسٽڊ) **vt** not noticed. ڌيان نه ڏنل، نامعلوم، ڌيان تي نه آيل، نظر کان دور.

unnumbered (ان نمبرڊ) **adj** not counted, too many to be numbered; not marked or provided with a number. شمار نه ٿيل، اڻ ڳڻيو، بيشمار، بي انت، لاتعداد، نمبر نه لڳل، بنا نمبر جي.

unnurtured (ان نرچرڊ) **adj** not nurtured or educated; ill-bred. صحيح تربيت نه ٿيل، نه پڙهايل، غلط پرورش ڪيل، اڻ ڪيڙيل، اڻ سڌاريل، اڻ هيرايل، اڻ پاليل، اڻ تاتيل، پالنا نه ڪيل.

uno animo (انو اينيمو) **adv** with one mind, with one accord. هڪ دليو، هڪ خيالو، ٻڪو، نه ٽرٽو، اڻ ٽرٽو.

unobedient (ان اوبيڊينٽ) **adj** disobedient. نا فرمان، نا فرمانبردار، بي فرمان، بي چيو، بي ادب، سرڪش، هوڏي.

unobjectionable (ان آبجيڪشنبل) **adj** not objectionable; acceptable. جنهن تي اعتراض نه ڪري سگهجي، غير اعتراضي، مڃڻ جوڳو، متفق، منظور ڪيل، پسنديده وارو.

unobliging (ان اوبلائجنگ) **adj** not obliging; unhelpful, uncooperative. منهن نه ڏيندڙ، تعاون نه ڪندڙ، ساٿ نه ڏيندڙ، مدد نه ڪندڙ، چوڻ نه مڃيندڙ، بي چيو.

unobscured (ان آبسڪيورڊ) **adj** not obscured. ظاهر، غير مبهم، پڌرو، کليل، ظاهر ظهور.

unobservable (ان ابزروبل) **adj** not observable; imperceptible. جنهن کي ڏسي نه سگهجي، جيڪو خيال يا نظر ۾ نه اچي، سگهي، اڻ لکو، نا معلوم، غير تصوراتي.

unobservance (ان آبزروونس) **n** failure to observe rules; failure to notice; lack of observing power; inattention. قانون يا قاعدن تي عمل نه ڪرڻ، ڌيان نه ڏيڻ، بي ڌياني ڪرڻ، سمجهه جي گهٽتائي، ڌيان جي گهٽتائي، ذهن جي ڪمزوري، لاغرضي، ڳهيلائي، غفلت، بي خيالي.

unobservant (ان ابزروينٽ) **adj** not observant. مشاهدو نه ڪندڙ، ڌيان نه ڏيندڙ، بي ڌيانو، بي خيالو، ڳهيلو.

unobserved (ان ابزروڊ) **adj** not observed. مشاهدو نه ٿيل، خيال ۾ نه آيل، پوشيدو، پس پردي.

unobstructed (ان ابسٽرڪٽڊ) **adj** not obstructed. بي روڪ، ظاهر، کليل، اڻ جهليل، اڻ بنديل، بنا روڪ ٽوڪ جي.

unobtainable (ان ابٽين بل) **adj** that cannot be obtained. جنهن کي حاصل نه ڪري سگهجي، حاصل نه ڪرڻ جهڙو، لاحاصل.

unobtrusive (ان آبٽروزِو) **adj** not making oneself or itself noticed. لحاظ ڪندڙ، سادو واضح، ادب وارو، حياءُ وارو، صاحب حجاب، با ادب، ڌيان نه ڇڪائيندڙ.

unoccupied (ان اڪيوپائيڊ) **adj** not occupied. قبضو نه ٿيل، بيڪار، خالي، واندو، نا مشغول، غير آباد، اڻ وسايل، ناقبولي.

unoffending (ان آفينڊنگ) **adj** not offending; harmless; innocent. نقصان نه ڏيندڙ، ڪنهن جو ناءُ نه وٺندڙ، غريب، اڻ جوکو، اڻ ڏکوئيندڙ، بي ضرر.

unoffensive (ان آفينسو) **adj** inoffensive. جار حيت نه ڪندڙ، دروهي، نردوشي، بي ڏوهو، نه اعتراض جوڳو، نه ڏکوئيندڙ، نماڻو.

unofficial (ان افيسل) **adj** not official. غير سرڪاري، خانگي، سرڪاري طور نه.

unofficious (ان آفيشس) **adj** not officious. وچ ۾ نه ٽپندڙ، ڌيرج وارو، ماٺيڙو.

unoften (ان آفن) **adj.** seldom. ڪڏهن ڪڏهن، اتفاقي، ورلي، ڦڻالي.

unoiled (ان ائلڊ) **adj** not oiled. تيل نه ڏنل، مک نه ڏنل، الهو، غير سٺيو.

unopened (ان اوپنڊ) **adj** not opened; of a book, not having the leaves cut apart. بند، اڻ کوليل، ورڪ، ڍڪيل، ورق جدا نه ڪيل ڪتاب.

unoperative (ان آپريٽو) **adj** inoperative. غير موثر، اڻ هلندڙ، بيٺل، بند، بيڪار، بي اثر، ناڪارگر، ناڪارو.

unopposed (ان اپوزڊ) **adj** not opposed; uncontested. مخالفت نه ٿيل، بنا مخالفت، بنا مقابلي، مزاحمت کانسواءِ، بي مخالف.

unorder (ان آرڊر) **vt** to countermand. حڪم بدلائڻ، رد ڪرڻ، منسوخ ڪرڻ، اڳئين عمل کي رد ڪرڻ جو حڪم.

unordered (ان آرڊرڊ) **adj** disordered; unarranged, not ordered or commanded. ترتيب نه ڏنل، غير ترتيب، بنا چوڻ.

جي، بنا حڪم جي، پاڻ مرادو ڪيل (عمل، ڪم وغيره).

unorderly (ان آرڊرلـي) **adj** not orderly. بي ترتيب، غيـر ترتيبي.

unordinary (ان آرڊنري) **adj** not ordinary. غير معمولي.

unorganized (ان آرگنائزڊ) **adj** not organized. منظم نه ٿيل، غير منظم، بي ترتيب.

unoriginal (ان اوريجنل) **adj** not original; without origin or birth. غير بنيادي، غير اصلي، بنا بڻ بنياد جي، بي بنيادو.

unoriginate or **unoriginated** (ان اوريجنيٽ، اوريجنيٽيڊ) **adj** not originated. بنياد مان نه ورتل، غير بنيادي، غير اصلي.

unornamental (ان آرنامـينٽل) **adj** not ornamental; plain. غير آرائشي، پسو، پتو، سادو، لسو، بنا هار سينگار جي.

unornamented (ان آرنامنٽيڊ) **adj** not ornamented. آرائش نه ٿيل، پسو، پتو، اڻ سينگاريل.

unorthodox (ان آرٿـوڊاڪس) **adj** not orthodox. ڪافر، منڪر، اڻ سڌريل، غير شرعي، منافق، پراڻن خيالن جو، مخالف.

unostentatious (ان آسـٽينٽيـشس) **adj** not ostentatious. پنهنجي نمائش نه ڪندڙ، شـرمـيلو، ڏيک پسند نه ڪندڙ، حجابي، لڄارو، ساموڪ، صاحب حجاب، حجاب وارو، سادگي پسند، محبوب.

unowed (ان مـوڊ) **adj** not owed or due; unowned. پنهنجو نه ٿيل، لاوارث، بي مالڪ، غير واجب، اڻ ڏيڻو، بنا مالڪي جي، قرض جو نه هجڻ.

unowned (ان اونڊ) **adj** unavowed, unacknowledged; ownerless. ملڪيت ۾ نه آيل، لاوارث، بي ملڪ، پنهنجو نه ڪيل، نه مڃيل، لڏڪو.

unpaced (ان پيـسڊ) **adj** without the assistance of a pace-setter. ڪنهن جي مـدد کـان سـواءِ ٺـهيل، بنا نموني جي ناهيل.

unpack (ان پيـڪ) **vt, vi** to remove packed articles from a case; to take out of a suitcase or other packed container; to remove from packing materials; to open; to remove a pack from a pack animal; to do unpacking. بڌل سـامـان کي کولڻ، ڪڍڻ، ڪڍي کولي رکڻ، لاهڻ، (هڙ) ڇوڙڻ، (بار) لاهڻ، (ڳنـڙي) کـولڻ، (جانور تان) بار لاهڻ، پيٽي، بڪسو يا صندوق مان سامان ڪڍڻ.

unpacked (ان پيڪڊ) **adj** subjected to unpacking; not packed. جيڪو بڌل نه هجي، کليل، اڻ بڌل، جنيـڪو کولي رکيو ويو هجي.

unpaged (ان پيـجڊ) **adj** without numbering of pages. صفحن جا نمبر نه ڏنل، ترتيب ۾ نه آيل، ڪتـاب ۾ شـامل نه ڪيل.

unpaid (ان پيڊ) **adj** (of a debt or person) not paid. ادا نه ٿيل، رهتو،رهيل، ڏيڻو، ادا ڪرڻو، اڻ پيتو، واجب الادا، غير ادا ٿيل، اڻ ڀاريل.

unpaint (ان پينٽ) **vt** to free from paint; to paint out, obliterate by painting over. رنگ نه ڏنل، بنا رنگ جي، رنگ لاهڻ، رنگ هٽي ڀاهرين صورت مٽائڻ، رنگ مٽائڻ.

unpainted (ان پينٽيڊ) **adj** not painted. رنگ نـه ڏنـل، اڻ رنگيل، سادو.

unpaired (ان پيئرڊ) **adj** not paired; not forming one of a pair. جوڙي ۾ نه آيل، غيـر جوڙيدار، ان لـهـڪندڙ، بغيـر جوڙيدار.

unpalatable (ان پيلٽيبل) **adj** unpleasant to taste, distasteful, disagreeable. بي مـزه، غيـر لذيذ، بي سـوادي، اڻ وڻندڙ، بي ذائقو، ناگوار، نه وڻندڙ.

unpanel (ان پينل) **vt** to unsaddle. زين لاهڻ، سنج کولڻ.

unpanelled (ان پينلڊ) **adj** not panelled. بنا فريم جي، فريم نه ٿيل.

unpanged (ان پينجڊ) **adj** without pangs. ڏک ۽ تڪليف ۾ نه آيل، بنا سور جي، بنا درد جي، بنا پيڙا جي.

unpaper (ان پيپر) **adj** to remove paper from. ڪاغذ لاهڻ، پنو کولڻ، استر لاهڻ.

unpapered (ان پيپرڊ) **adj** not papered. ڪاغذ نه لڳايل، پنو کوليل، استر يا تهه نه چاڙهيل.

unparadise (ان پيراڊائز) **vt** to turn out of Paradise; to make not longer a paradise. جنت مـان ڪيڍڻ، بهشـت مان نيڪالي ڏيڻ، جنت جهڙو نه رهڻ ڏيڻ (جاءِ يا مڪان کي)، جنت مان ترڻ، رانده درگاهه لوڏڻ.

unparagoned (ان پيراگونڊ) **adj** unmatched. بي نظير، لاثاني، بي مثل، اڻ مٽ.

unparallel (ان پيرلل) **adj** not parallel. غيرمتوازي، غير برابر، بي جوڙ.

unparalleled (ان پيـلـلـڊ) **adj** without parallel or equal. برابر، نه ٿـيل، بي مثل، لاثاني، لاجواب، اپَروَ، بي نظير، اڻ جيس، بي جوڙ جيس.

unpardonable (ان پـارڊنبـل) **adj** that cannot be pardoned. جنهن کي معـاف نه ڪري سگهجي، معـاف نه ڪرڻ جهڙو، نرڪميا، اگر، معافيءَ لائق نه.

unpared (ان پيئرڊ) **adj** (of fruit) not having the skin removed; (of nails) not cut. کل نه لٿل ميوو، کل سـوڌو، نهن نه ڪٽيل، وڏن نهن سان.

unparental (ان پيرنٽل) **adj** not befitting a parent. ڌارين وارو رويو، خانداني يا مائٽ جي لائق نه هجڻ وارو عمل، غير مائٽاڻو عمل يا رويو.

unparented (ان پيرينٽيڊ) **adj** without parent or acknowledged parent, or parental care. بنا خاندان ۾ نه آيل، مائٽن يا ماءُ جي، لاوارث، اڻ مينائيل، پالمرادو، پليل، لي پاڪل، اڻ

نپايل.

unparliamentary (ان پارليامينٽري) **adj** contrary to the usages of Parliament; not such as may be spoken or (of language) used, in Parliament..غير پارلياماڻي. پارلياماڻي اصولن يا طريقن خلاف، ڪريتو عمل، غير پارلياماڻي لفظ، غير رواجي عمل، گٿا لفظ.

unparliamentary language (ان پارليامينٽري لئنگويج) **adj** oaths or abuse. غير پارلياماڻي ٻولي، غير رواجي ٻولي، گارگند، گٿا لفظ، گهٽ وڌ ڳالهيون.

unpassable (ان پئسبل) **adj** impassable; (of money) not current. نه هلندڙ، (سڪو) غير مروج، متروڪ.

unpassionate or unpassioned (ان پيشنٽ ان پيشنڊ) **adj** without passions; calm; dispassionate..غير جذباتي، ڌيمو، سانتيڪو، ماٺو، بي ريا، ٿڌي دل، دماغ يا سيني وارو، ٺهريل.

unpasteurized (ان پيسچرائزڊ) **adj** not pasteurized..ڪچو، اڻ ڪڙهيل، گرم نه ڪيل، صاف نه ڪيل، نه پچايل.

unpatented (ان پيٽنٽڊ) **adj** not patented.حق نه مليل، غير سندي، سرڪار وٽ، سند لاءِ داخل نه ٿيل، سند نه مليل.

unpatriotic (ان پيٽرياٽڪ) **adj** not patriotic.وطن سان حب نه رکندڙ، غير وفادار، غدار، وطن دشمن، ديس دروهي.

unpatronizing (ان پيٽرونائزنگ) **adj** , not showing condescension.قبول نه ڪندر، هائوڪار نه ڪندڙ، اطاعت ۾ نه آڻيندڙ، اڻ جمندڙ، بيهڪ نه بيهندڙ، بخارات نه ڏيکاريندڙ. سهمت نه ٿيندڙ، مڃتا نه ڏيندر، نه ،چيندڙ،

unpatterned (ان پيٽرنڊ) **adj** unexampled, unequalled; without a pattern. بي مثال، اڻ سليل، اڻ ڏسيل، لاجواب، لاثاني، بي نظير، اڻون، پنهنجي نموني جو.

unpaved (ان پيوڊ) **adj** without pavement; gelded. ڪچو رستو، صاف نه ٿيل، اڻ پڪو ٿيل، خصي ٿيل، ڪٽ ٿيل.

unpavilioned (ان پولنڊ) **adj** without a canopy.بن ڍڪ جي، بنا ڇپري جي، بنا ڇٽيءَ بنا ٻوچ.

unpay (ان پي) **vt** to make good, undo, do away by payment.رهت، رهيل، ڏيان نه ڏنل، معاوضو ڏيڻ، پئسا ڏئي فارغ ٿيڻ، ڏئي ولي حساب يا معاملو ختم ڪرڻ.

unpeeled (ان پيلڊ) **adj** , not peeled, striped, desolate, کل نه لٿل، اڻ ڇليل، گنجو، وانجهيل، ويران، بنا مدد جي، نوڪرن بنا.

unpeg (ان پيگ) **vt**, unfasten by the removal of pegs; seize to maintain or stabilize (prices etc).(ڪلَ مان، رسا کولي) آزاد ڪرڻ، قيمتن کي هڪ هنڌ بيهارڻ، قيمتن کي وڌڻ کان روڪڻ.

unpeerable (ان پيئربل) **adj** not to be matched.جنهن کي ڪنهن سان ڀيٽائي نه سگهجي، لاثاني، بي مثل، اعلىٰ، عالي مرتبت.

unpeered (ان پيئرڊ) **adj** unequalled..برابري ۾ نه آيل، نابرابر، غير برابر، لاثاني، بي مثل، سهڻو، قيمتي،بي بها.

unpen (ان پين) **vt** to let out from a pen or enclosure.قيد مان ڪڍڻ، وٿاڻ مان ڇوڙڻ يا کولي ٻاهر ڪڍڻ، مال کولڻ.

unpenned (ان پينڊ) **adj**, unwritten; unconfined, let loose. قيد نه ٿيل، اڻ لکيل، لکت ۾ نه آيل، کليل، آزاد، ڇوڙي ڇڏيل.

unpennied (ان پينيڊ) **adj** without pennies..پئسي کانسواءِ، سڃو، ڪنگال، بنا ريزگاريءَ جي.

unpent (ان پينٽ) **adj** not penned in..اڻ بنديل، کليل، ازاد، بند نه ڪيل.

unpeople (ان پيپل) **vt** to empty of people.ماڻهن کان خالي ڪرڻ، (بستي) ڦٽائڻ، اجڙ ي سڃو ڪرڻ، غير آباد ڪرڻ، (ڳوٺ) خالي ڪري وڃڻ، لڏي وڃڻ.

unpeopled (ان پيپلڊ) **adj** uninhabited; without servants; unpersons; depopulated..غير آبا، آباد نه ٿيل، ويران، سڃو، اجڙيل، ڦٽل، نوڪرن کان سواءِ،ماڻهن کانسواءِ ، مددگارن کانسواءِ، آباديءَ کانسواءِ، ماڻهن سان آباد نه ٿيل.

unperceived (ان پرسيوڊ) **adj** not perceived; unobserved..ويچار يا ڌيان ۾ نه آيل، غور ۾ فڪر هيٺ نه آيل، اڻ ڏٺو، نا معلوم، مخفي، اڻ لکو، نظر نه آيل، نه ڏٺل، نا بالغ.

unperceptive (ان پرسيپٽو) **adj** not perceptive.ڌيان نه رکندڙ، غور نه ڪندڙ، ڌيان نه ڏيندڙ، نا سمجهه، اڻ سمجهو، ڀِڪيلو، مورک.

unperfect (ان پرفيڪٽ) **adj** imperfect; unskilled. نامڪمل، ڪچو، ناقص، اڌو گابرو، اڻ پورو، (ماضي) استمراري، اناڙي جٽ، بي هُنرو، اڀرويت.

unperfected (ان پرفيڪٽڊ) **adj** not perfected.مڪمل نه ڪيل، اڌورو، عيباڻو، غير سالم، غير مڪمل، نامڪمل، اڻ پورو، غير ڪامل.

unperforated (ان پرفوريٽڊ) **adj** not perforated.سوراخ نه ٿيل، بنا سوراخن جي، بند.

unperformed (ان پرفارمڊ) **adj** not performed.انجام نه ٿيل، عمل نه ٿيل، اڻ بنايل، عمل نه ڪيل.

unpersuadable (ان پرسوئيڊبل) **adj** not able to be persuaded; obstinate. جنهن کي قائل نه ڪري سگهجي، هوڏي، ٺٺر، اڙيئو، شداڻي، ٺرچو، اهنڊ.

unpersuaded (ان پرسوئيڊيڊ) **adj** not persuaded.راضپ نه ٿيل، اڻ مڃايل، قائل نه ڪيل، اڻ ريجهيل، اڻ ريجهايل، اڻ سمجهايل.

unpersuasive (ان پرسوئيسو) **adj** not persuasive.اثر پيدا نه ڪندڙ، قائل نه ٿيندڙ، نه مڃيندڙ، راضي نه ٿيندڙ.

unperturbed (ان پرٽربڊ) **adj** not perturbed.پريشاني کان بچيل، خوش، مزي ۾، نه گهٻرايل، بنا پريشاني جي، مطمئن.

unpervert (ان پرورٽ) **vt**, to reconvertوري مائل ڪرڻ، وري راغب ڪرڻ، موٽائي پنهنجي مذهب تي آڻڻ.

unperverted (ان پرورٽڊ) adj not perverted.گمراهي کان بچيل، ايماني، صحيح رستي تي، گمراهه نه ٿيل، اڻ بگڙيل، صحيح اعتقاد وارو، دگ لڳل.

unphilosophical (ان فلاسفيڪل) adj not according to philosophical principles; lacking philosophy.غير فلسفيانه، فلسفي جي اصولن کان ٻاهر يا لاتعلق، فلسفي کان والجهيل.

unphysiological (ان فزيولاجيڪل) adj not in accordance with normal physiological functioning.بغير ترتيب جي، عام طور جو نه، اصل حالت کان بدليل.

unpick (ان پڪ) vt to pick loose, undo by picking.چوڻڊ ڪرڻ، ڪٽي ڦٽي ڪرڻ، نه ڪٽڻ، وجائي ڇڏڻ، ڪٽي ڊاهڻ يا ڦٽائي ڇڏڻ.

unpickable (ان پڪبل) adj impossible to pick; able to be unpicked. جنهن کي چونڊي نه سگهجي، نه ڪٽڻ جهڙو.

unpicked (ان پڪڊ) adj. not gathered; not selected; not having had unwanted material removed by picking; picked loose.اڻ چونڊيل، ناڪارو مــادو جدا نه ڪيل، ڪٽي يا چونڊي خراب ڪيل، جدا جدا ڪري رکيل.

unpicturesque (ان پڪچرسڪ) adj not picturesque.غير دلڪش، بد زيبو، اڻ خوبصورت، بنا ڪنهن حسن يا خوبيءَ جي، غير دلچسپ، بد شڪلو.

unpillared (ان پلرڊ) adj stripped of pillars; without pillars. بغير سهاري جي، بنا ٿنڀن يا ٿونڻن جي.

unpin (ان پن) vt. to free from pins or pinning; to unfasten the dress of by removing pins.پنون ڪڍڻ، پنون ڪڍي ڇڏڻ، ٽاچڻيون کولي ڇڏڻ، (لباس) کولي رکڻ، ٽانڪا کولڻ.

unpinked or unpinkt (ان پنڪــڊ يا پنڪٽ) adj not pinked, not ornamental with punched holes.اڻ سنواريل، بنا آرائشي سوراخن جي، چِٽو.

unpitied (ان پٽيڊ) adj not pitied.رحم نه ٿيل، ٻاجهه نه ڪيل، رحم يا ڪهل نه ڪيل.

unpitying (ان پٽينگ) adj not pitying.ترس نه ڪندڙ، ڪهل نه ڪائيندڙ، رحم نه ڪندڙ، ظالم، سخت دل، نا مهربان، بي رحم، بي هڪلو.

unplace (ان پليس) vt to displace.هٽائڻ، رلائڻ، هيٺ مٿي ڪرڻ، الٽ پلٽ ڪرڻ، موقوف ڪرڻ، وڃائڻ، بي گهر ڪرڻ.

unplaceable (ان پليسبل) adj that cannot be placed or be classified.جنهن کي جاءِ نه ڏئي سگهجي، ڪنهن به جنس يا نموني کان علحدو، پنهنجي قسم جو، بي جوڙ.

unplaced (ان پليسڊ) adj not assigned to or set in a place; not inducted to a church; not appointed to an office; not among the first three (horses) in a race.حيثيت يا رتبو نه ڏنل، درجو نه ڏنل ، ڪنهن به مذهبي عهدي تي نامزد نه ڪيل، ڪنهن سرڪاري عهدي تي مقرر نه ڪيل، (ريس

۾) ٽن نمبرن کان پوءِ ايندڙ گهوڙو.

unplained (ان پلينڊ) adj not lamented.فرياد نه ٿيل، بنا روئڻ پٽڻ جي، اڻ پٽيو، بنا ڏک جي، افسوس کانسواءِ.

unplanned (ان پلانڊ) adj. not planned.تجويز نه ٿيل، بي اصول، بنا ڪنهن اڳواٽ تياريءَ جي، بي ترتيب، رٿابنديءَ کانسواءِ، اڻ رٿيل..

unplanted (ان پلانٽڊ) adj not planted.نصب نه ٿيل، اڻ پوکيل، پاڻ مرادو نڪرندڙ (ٻوٽو)، خودرو، جهنگلي ٻوٽا.

unplausible (ان پلازيبل) adj implausible.غير مطمئن ڪندڙ (بهانو، سبب وغيره)، نامعقول، غير معقول، صحيح نظر نه ايندڙ، غير معتبر، نا پسنديدو.

unplausive (ان پلازِو) adj not approving.نه مڃيندڙ، مطمئن نه ٿيندڙ، قبول نه ڪندڙ.

unplayable (ان پليبل) adj (of a ball) that cannot be struck or returned; that cannot be played.(بال) جنهن سان نه کيڏي سگهجي، ڌڪ نه هڻڻ جهڙو، ختم ٿيل، راند نه کيڏڻ جهڙو.

unpleasant (ان پليزنٽ) adj not pleasant; disagreeable.جنهن کي پسند نه ڪجي، نه وڻندڙ، اڻ وڻندڙ، خراب، بد ذائقو، بي مزي، اگرو، مڪروهه.

unpleasantness (ان پليزنٽنيس) vt the state or quality of being unpleasant, disagreeableness; a disagreeable incident; disagreement involving open hostility.غير پسنديده هجڻ، غير مرغوب هجڻ، غير نفيس هجڻ، غير مزيدار هجڻ، بي سوادي، اڻ وڻندڙ، نه مڃڻ جهڙو، بد زيبو، مخالف، مخالفت ڪرڻ، اڻ قبوليل، اڻ وڻندڙ واقعو.

unpleasantry (ان پليزنٽري) n lack of pleasantness; any unpleasant occurrence, any discomfort.خوش طبعي يا دل لڳيءَ کان سواءِ، نه وڻندڙ، اڻ وڻندڙ، اڻ وڻندڙ يا بي فرحت ڪندڙ (واقعو يا عمل)، پريشان ڪندڙ، منجهائيندڙ.

unpleasing (ان پليزنگ) adj not pleasing; displeasing.جنهن کي پسند نه ڪجي، نه وڻندڙ، اڻ وڻندڙ، خراب، بد ذائقو، بي مزي.

unploughed (ان پلوڊ) adj not ploughed.جنهن تي هر نه هليل هجي، اڻ کيڙيل، غير آباد، ٻهور.

unplucked (ان پلڪڊ) adj not plucked.جيڪو چڪيل نه هجي، اڻ چونڊيل، نه چنل، پنهنجي جڳهه تي ٻيٺل.

unplug (ان پلگ) vt disconnect (an electrical device) by removing its plug from the socket; unstop.بجلي بند ڪرڻ، پلگ ڪڍي ڇڏڻ، تعلق ختم ڪرڻ، بجليءَ جو وهڪرو بند ڪري ڇڏڻ، بجليءَ جو ڳانڍاپو ختم ڪرڻ.

unplumb (ان پلمب) vt to remove the lead from.شيهو يا جوڙ هٽائڻ، جوڙ کولڻ.

unplumbed (ان پلمبڊ) adj unsounded; unfathomed.گهرائي ۾ نه پهتل، اونهائي، بي آواز، اڻ چڪاسيل، تمام اونهو.

عميق.

unplume (ان پليوم) **vt** to strip of feathers or plumes. پرن کان محروم ڪرڻ، پر پٽڻ، کنڀ ئوڙڻ، لڙ ڪرڻ، گنجو ڪرڻ، لوڙهو ڪرڻ.

unpoetic (ان پوئٽڪ) **adj** not poetic; of the nature of prose. غير شاعرانو، نثر ۾، غير نظمي، نثري، غير نفيس.

unpointed (ان پوائنٽڊ) **adj** having no point or points; not punctuated; (of written Hebrew) without vowel points; (of masonry or brickwork) not pointed. نقطي يا نقطن بنا، واڪ جي نشانين کان سواءِ، چهنب کانسواءِ (عبراني ٻولي) بنا اُچاري نشانين جي، (اوساري) لسي، بنا درزن جي.

unpoison (ان پوائزن) **vi** to rid of poison, cure of poisoning زهر کان بچائڻ، زهر جو علاج ڪري ان کي ختم ڪرڻ، زهر جو علاج، ترياق ڏيڻ، اوتار ڪرڻ.

unpoisoned (ان پوائزنڊ) **adj** not poisoned غير زهريلو، زهر کانسواءِ، زهر نه ڏنل.

unpolicied (ان پوليسيڊ) **adj** without formal political organization; impolitic. سياسي جماعت کان سواءِ غير سياسي، سياسي جماعتن جي غير موجودگي.

unpolished (ان پولشڊ) **adj** not polished; rough; without refinement; crude. غير مهذب، غير شائسته، غير صاف، خام، ڪچو، اڻ گهڙيو، ڪڏڪو، اڻ چمڪايل، کهرو، اڻ اُجاريل.

unpolite (ان پولائٽ) **adj** impolite; unpolished; inelegant. بد اخلاق، ڪڏڪو، غير مهذب، ناشائستو، بد زيبو، اڻ زيبائتو، بد فضيلتو، بد اخلاق.

unpolitic (ان پولٽڪ) **adj** impolitic; unwise. بي عقل، بي صلاحو، نامناسب، بي ساڳاهو، بي تدبير، اياڻو، بي عقل، غير سياسي.

unpolitical (ان پوليٽيڪل) **adj** not concerned with political. سياست سان دلچسپي نه رکندڙ، غير سياسي، سياست کان پري.

unpolled (ان پولڊ) **adj** not having voted at an election; not included in an opinion poll. ووٽ نه ڏنل، ووٽن ۾ حصو نه وٺندڙ، ووٽن ۾ شامل نه ڪيل، راءِ وٺڻ لاءِ شامل نه ڪيل.

unpolluted (ان پوليوٽڊ) **adj** not polluted. پاڪ، صاف، گدلاڻ کان پاڪ، پوتر، اڻ ملاوتي.

unpopular (ان پاپولر) **adj** not popular; not liked by the public or by people in general. غير مقبول، الو ڪڪ، ابريو، نا پسند، بدنام، بي رَس، بغير شهرت جي، عام رواجي.

unpopulated (ان پاپوليٽيڊ) **adj** not populated. آباد نه ٿيل، غير آباد، پڙپانگ، سڃو.

unportioned (ان پورشنڊ) **adj** without a portion. تقسيم نه ٿيل، حصن ۾ نه، لاڳيت، مڪمل حالت ۾.

unposed (ان پوزڊ) **adj,** not in a posed position, esp for a photograph. تصوير ڪڍرائڻ لاءِ تيار نه ٿيل، عام حالت ۾، ويٺل، قدرتي حالت ۾ موجود.

unpossessed (ان پزيزڊ) **adj** not possessed; not in possession; unprejudiced. قبضي کان خالي، لاوارث، ڪنهنجي ۾ قبضي ۾ نه هجڻ واري حالت ۾، غير تعصبي، غير متعصب.

unpossessing (ان پزيسنگ) **adj** without possessions. بنا ملڪيت جي، غريب، مسڪين.

unpossible (ان پاسبل) **adj** impossible. ناممڪن، نه ٿيڻ جهڙو، اڻ ٿيڻو، محال، نساڌي.

unposted (ان پوسٽڊ) **adj** not posted, in any sense; not posted up; without a post. عهدي کان خالي، بنا عهدي جي، عهدو نه مليل، گهر ويٺل، ٽپال ذريعي نه موڪليل، نه لڳايل، نه کوڙيل، نه چنبڙايل.

unpotable (ان پوٽبل) **adj** undrinkable, unfit to drink. پيئڻ جي لائق نه هجڻ، گدلو، غير صاف، ناپاڪ، لڙاٽيل.

unpowered (ان پاورڊ) **adj** (of a boat or vehicle) propelled other than by fuel; without power or authority. مشيني طاقت ۽ زور کان خالي، بنا انجڻ واري ٻيڙي يا گاڏي، بنا موٽر يا انجڻ جي، انجڻ يا موٽر کانسواءِ هلڻ واري سواري جهڙوڪ گهوڙي گاڏي، بغير طاقت جي، سهاري کانسواءِ، بنا رتبي، بنا عهدي، بنا سهاري، لاچار.

unpracticable (ان پريڪٽيڪبل) **adj,** impracticable. ناقابل عمل، غير عملي، اڻٿيڻو.

unpractical (ان پريڪٽيڪل) **adj** not practical; (of a person) not having practical skill. غير عملي تجربي کان سواءِ، غير عملي، جنهن تي عمل نه ڪري سگهجي، بنا عملي ڄاڻ جي (ماڻهو)، غير ٽيڪنيڪي يا بغير مهارت جي.

unpractised (ان پريڪٽسڊ) **adj** having little or no practice or experience, inexpert; not carried out in practice; not yet familiar through practice. عمل ۽ استعمال ۾ نه آيل، غير استعمالي، بنا تجربي، اڻ سکيل، بنا تربيت جي، تربيت نه مليل، عملي تجربو نه ٿيل، تجربي کان غير آگاهه، بنا مهارت جي.

unpraise (ان پريز) **vt** to dispraise; to deprive of praise تعريف نه ڪرڻ، تعريف لائق نه سمجهڻ، تعريف لائق نه چوڻ.

unpraised (ان پريزڊ) **adj** not praised. تعريف نه ٿيل، غير تعريفي، ناقابل راهه.

unpray (ان پري) **vt** to revoke the praying of. دعا ۽ بندگي نه ڪرڻ، دعا نه گهرڻ، عبادت ڇڏي ڏيڻ.

unpreach (ان پريچ) **vt.** to recant in preaching; to undo the preaching of. وعظ نه ڪرڻ، نصيحت نه ڪرڻ، هدايت نه ڏيڻ، دعا نه ڏيڻ، پٽڻ، پاراتو ڏيڻ.

unpreaching (ان پريچنگ) **adj,** not preaching. وعظ نه ڪندڙ، نصيحت نه ڪندڙ، تبليغ نه ڪندڙ.

unprecedented (ان پريسيڊنٽڊ) **adj** not warranted by ju-

dicial precedent; of which there has been no previous instance.. اڳ رواج ۾ نہ آيل، غير رواجي، غير مثالي، اپوربي، غير معمولي، بيمثال، اهڙو قانوني فيصلو جنهنجو ٻهرين يا اڳ مثال نہ هجي.

unpredict (ان پريڊڪٽ) vi to revoke what has been predicted. پيشن گوئيءَ کي رد ڪرڻ، اڳڪٿي ڪيل ڳالهہ کي واپس وٺڻ.

unpredictable (ان پريڊڪٽبل) adj that cannot be predicted. جنهن جي پيشنگوئي نہ ڪري سگهجي، اڳڪٿي نہ ڪرڻ جهڙو، اڳواٽ نہ ٻڌائڻ جهڙو.

unpredicted (ان پريڊڪٽڊ) adj not predicted or foretold. پيشنگوئي نہ ٿيل، اڳواٽ نہ ٻڌايل، اڳ ڪٿي نہ ڪيل، ناقابل اندازہ.

unpreferred (ان پرفرڊ) adj without preferment or advancement.. اوليت نہ ڏنل، ناقابل ترجيح، نہ وڻندڙ، دقيانوسي، غير ترقي يافتہ.

unpregnant (ان پرگننٽ) adj slow-witted, unready; ineffective; not quickened by a lively sense; not pregnant. نتيجہ کان سواءِ، بيسود، اڻ تيار، بيڪار، بنا اثر جي، بنا ڪنهن خاص خوبيءَ جي، بغير حمل، غير حامل، چسو، تياري نہ ڪيل، بي اثرائتو.

unprelatical (ان پريليٽيڪل) adj unbecoming in or to a prelate; not episcopal. مذهبي سرداري جي حيثيت نہ رکندڙ، مذهبي عهديدار کان نہ اميد ڪيل، مذهبي عهديدار جي شان وٽان نہ، غير مذهبي.

unprejudiced (ان پرجڊسڊ) adj not prejudiced غير متعصب، بي ريا، بي تعصب، انصاف پسند.

unpremeditable (ان پريميڊيٽبل) adj not to be foreseen.. اڳ ۾ سوچڻ جي لائق نہ ، اڳواٽ محسوس نہ ڪرڻ جهڙو، اوچتو، اتفاقي.

unpremeditated (ان پرميٽيٽڊ) adj not studied or purposed beforehand. اڳ ۾ نہ سوچيل، بنا سوچ جي، بنا اڳواٽ محسوس ڪرڻ يا سمجهڻ جي.

unprepare (ان پريپيئر) vt to make unprepared. تياري کان سواءِ، بنا تياريءَ جي، تياريءَ کان غافل رکڻ، تياري ختم ڪرائڻ.

unprepared (ان پريپيئرڊ) adj not prepared or ready; not prepared for death; without preparation. تيار نہ ٿيل، بي ساختہ، اوچتو جيڪو تيار نہ هجي، موت لاءِ تيار نہ ٿيل، بنا تياريءَ جي، مورچا، موڪو، اوڪو، بي سڪ.

unprepossessed (ان پريپزيسڊ) adj not prepossessed or prejudiced. بنا قبضي کان خالي، بنا ڪنهن اڳواٽ اصول جي، بنا تعصب جي، تعصب کان خالي، غير تعصبي.

unprepossessing (ان پريزنگ) adj, not predisposing others in one's favour, unpleasing. ٻين کي راضي نہ ڪندڙ، خوش نہ ڪندڙ، چاپلوسي نہ ڪندڙ، اڻ وڻندڙ، نہ وڻندڙ.

unprescribed (ان پرسڪرائبڊ) adj, (esp of drugs) not prescribed.. (نسخو) تجويز نہ ٿيل، نہ ڏسيل، (دوا) نہ ٻڌايل، مقرر نہ ڪيل.

unpresentable (ان پريزنٽبل) adj not fit to be seen. نہ ڏيکارڻ جهڙو، نہ پيش ڪرڻ جهڙو، ناقابل ديد.

unpressed (ان پريسڊ) adj not pressed, esp of clothing unironed. نہ دٻيل، استري نہ ٿيل، بنا استريءَ جي، بار هيٺ نہ آندل.

unpressurized (ان پريشرائزڊ) adj not pressurized. داب يا بوجهہ نہ پيل، هوا کان والجهيل، داب کان سواءِ، بنا داب جي، بنا چو چوا جي، بغير زير بار.

unpresuming (ان پرن يومنگ) adj not presuming; modest.. حياءَ وارو، ناقابل تصور، شرميلو، لڄارو، لڄائتو، لڄونتي، سليوان، پاڪدان، پورو پنو، ساڌارڻ، مدّبر، سادگي پسند، حال سارو، وت آهر هلندڙ.

unpresumptuous (ان پرزمپٽيشس) adj, not presumptuous. غير ايماني، عزت ڪندڙ، لحاظ رکندڙ، مڙڻو، ادب وارو، سڌريل، عزت وارو.

unpretending (ان پريٽينڊنگ) adj not pretending or making pretence; modest. نہ بهاني جي لائق نہ، بهانو ڪندڙ، پورو پنو، غريب، نهٺو، حليم.

unpretentious (ان پريٽينشس) adj not making a great display; simple, modest. بنا حياءَ وارو، سادو، بنا ڏيکاءَ جي، بنا وڏائيءَ جي، شرميلو، لڄارو، سنڪوچي، مرجات وارو.

unprevailing (ان پريولنگ) adj unavailing. جيڪو غالب نہ هجي، غالب نہ پوندڙ، ناڪام، ناڪارو، اجايو، پيچي نہ سگهندڙ.

unprevented (ان پريونٽڊ) adj not prevented or obviated; not anticipated or preceded. اڳواٽ نہ منع نہ ٿيل، اڳ اندازو نہ ڪيل، اڳ بچاءَ نہ ڪيل، غير محفوظ. سمجهيل،

unpriced (ان پرائسڊ) adj having no fixed or stated price; beyond price, priceless. قيمت نہ رکيل، قيمت نہ ڪٿيل، بنا مقرر قيمت جي، قيمت نہ ٻڌڻ جهڙو، قيمتي، بي ملهہ.

unpriest (ن پريزسٽ) vt to divest of priesthood. مذهبي عهدي کان فارغ ڪرڻ، مذهبي عهدي کان نيڪالي ڏيڻ، پادريءَ جو عهدو موٽائي وٺڻ.

unpriestly (ان پريزسٽلي) adj unbecoming, unlike or not of the nature of, a priest. غير پادري جي شان وٽان نہ، غير مذهبي عمل، اهڙو عمل جنهن جي ڪنهن مذهبي عهديدار کان توقع نہ ڪئي وڃي.

unprimed (ان پرائمڊ) adj, not primed. اڻ تيار، هدايت نہ ٿيل، ڪيل، (مشين) مقرر طور تيار نہ ٿيل.

unprincipled (ان پرنسپلڊ) adj without good principles; not based on or in accordance with principles; not restrained by conscience; profligate; uninstructed. خلاف اصول، خلاف قاعدي قانون، غير اساسي، ورڪ

هڻڻ، اوويکي، بي اصول، اناچاري، بد ذات، جيڪو ڪنهن بہ اصول تي نہ هلي، بي متي، بي ايمان، تربيت يا هدايت نہ ورتل، لنگو تاڙو، اوباش، لچو، بدمعاش، بي حياءُ، بي ضمير.

unprintable (ان پرنٽبل) **adj** not fit to be printed.ناقابل اشاعت، ڇپائيءَ جي لائق نہ هجڻ، (مسودو) ڇپائي لاءِ تيار نہ ٿيل.

unprivileged (ان پرولجڊ) **adj** not privileged.جنهن کي حق يا رعايت مليل نہ هجي، بنا ڪنهن خاص حق يا رعايت جي، بنا ڪنهن سندَ جي، ڌڪاريل، نظرانداز ٿيل، محروم.

unprizable (ان پرائزبل) **adj** worthless; beyond price. قيمت نہ رکندڙ، بي قيمت، بيڪار، ڪنهن ڪم جو نہ بي وقت.

unprized (ان پرائزڊ) **adj** not prized.انعام نہ رکيل، انعام نہ ڏيڻ جهڙو، غير انعامي.

unproblematic (ان پرابلميٽڪ) **adj** causing no difficulty..مشڪل کان سواءِ، بنا تڪليف جي، تڪليف نہ ڏيندڙ، سولو، آسان.

unprocedural (ان پروسيجرل) **adj** not in accordance with established or accepted procedures.خلاف دستور، دستور جي خلاف، مقرر ڪيل، طريقيڪار جي ابتڙ، غير دستوري.

unprocessed (ان پروسيسڊ) **adj** (esp of food or raw materials) not processed.(کاڌي يا مادو) ڪنهن تياريءَ جي عمل مان نہ گذريل، ڪچو، اڻ تيار، خام.

unproclaimed (ان پروڪليمڊ) **adj** not proclaimed.اعلان نہ ٿيل، غير اعلانيل، بنا اطلاع جي.

unprocurable (ان پروڪيوربل) **adj** that cannot be procured..جنهن کي حاصل نہ ڪري سگهجي، حاصل نہ ڪرڻ جهڙو، نہ ملندڙ، جيڪو خريد نہ ڪري سگهجي، ناقابل خريد.

unproductive (ان پراڊڪٽو) **adj** not productive.غير زرخيز، غير پيداواري، جنهن مان ڪجهہ بہ نہ سري، پيدا نہ ڪندڙ، ڦل نہ ڏيندڙ، ڪجهہ نہ پيدا ڪندڙ، بنجر، بي ثمر، نڪمو، مڪمو، ڪمزور يا لستي زمين.

unprofessional (ان پروفيشنل) **adj** not of a profession or the profession in question; beyond the limits of one's profession; unbecoming to a member of a particular profession.غير پيشہ ورانہ، پيشي جي خلاف، پيشي کان ٻاهر، جنهن جي پيشور ماڻهوءَ کان اميد نہ هجي، غير پيشوراڻو رويو يا طريقو.

unprofitable (ان پرافٽبل) **adj** not profitable.غير نفعي وارو، غير منافع بخش، اجايو، بي سود، لاحاصل، نسقل، بي فائدو، رائيگان.

unprofited (ان پرافٽڊ) **adj** without profit or advantage, فائدي کان سواءِ، بنا فائدي، بنا سهوليت جي.

unprogressive (ان پراگريسو) **adj** not progressive.ترقي نہ ڪندڙ، غير ترقي پذير، نہ وڌندڙ، غير سلسليوار.

unpromising (ان پرامزنگ) **adj,** not likely to turn out well..جنهن بہ بهتر نتيجي جي اميد نہ هجي، صحيح نتيجو نہ ڏيندڙ، چڱي يا سٺي ٿيڻ جي اميد نہ رکڻ جهڙو.

unprompted (ان پرامپٽيڊ) **adj** spontaneous..پاڻ مرادو، پاڻيهي، خود بخود، بي اختيار، قدرتي، خودرو.

unpronounceable (ان پروناؤنسبل) **adj** that cannot be pronounced.(لفظ يا نالو وغيره) جنهن کي ادا نہ ڪري سگهجي، غير اچاري، نہ اچارڻ جهڙو، جنهن کي اچاري نہ سگهجي، ڏکئي اچار وارو، ڏاريءَ ٻوليءَ جو لفظ.

unproper (ان پراپر) **adj** improper; common, not one's own..پراڻو، غير حقيقي، عام، اجوڳ، بي جاءِ، نا مناسب، بي وڙو، ناجائز، ناشائستو، بي ترتيب.

unpropitious (ان پراپيشس) **adj** not propitious.نا سازگار، نا موافق، مشڪل، لياڪو، نا مناسب، اشڀ.

unproportionable (ان پروپورشنبل) **adj** out of due proportion.بي جنهن جو تناسب نہ ڪري سگهجي، تناسب کان لاتعلق، بي مناسب، نسبت نہ ڏيڻ لائق، نہ ڀيٽڻ جهڙو، برابري نہ رکندڙ، غير مساواتي.

unproportionate (ان پروپورشنيٽ) **adj** out of due proportion. .مقدار کان ٻاهر، غير مناسب، تناسب کان لاتعلق، بي حد.

unproportioned (ان پروپوشنڊ) **adj** not proportioned.جنهن جو مقدار ۽ حصو نہ ٿيل هجي، بي حد، اڻ برابر، ورهايل.

unprotected (ان پروٽيڪٽڊ) **adj** not protected; (of sexual intercourse) performed without a condom or other contraceptive.محفوظ نہ ٿيل، بي پناهہ، بي اجهي، سواءِ والي وارث جي، غير محفوظ، حفاظت کانسواءِ خاص طور تي جهنگلي علائقو ۽ جهنگلي جيوت، (جنس) غير محفوظ، غير محفوظ جنسي عمل.

unprotested (ان پروٽيسٽڊ) **adj** not objected to or protested against. اعتراض نہ ٿيل، غير اعتراضي.

unprotesting (ان پروٽيسٽنگ) **adj** not protesting.جنهن تي اعتراض نہ ڪري سگهجي، اعتراض نہ ڪندڙ، اعتراض نہ واريندڙ، غير اعتراضي، راضي خوشي.

unprovable (ان پرووبل) **adj** that cannot be proved.جنهن کي ثابت نہ ڪري سگهجي، ثابت نہ ڪرڻ جهڙو، بنا ثبوت جي.

unproved (ان پرووڊ) **adj** not proved..ثابت نہ ٿيل، غير ثابت، اڻ آزمايل، اڻ پرکيل، اڻ جاچيل.

unprovide (ان پرووائڊ) **vt** to unfurnish, to deprive of what is necessary..ڪجهہ بہ نہ پهچائڻ، خالي ڪرڻ، بي ثمرو، ثمر کان خالي ڪرڻ، ضروري شين کان محروم ڪرڻ.

unprovided (ان پرووائڊڊ) **adj** not furnished, provided, or provided for.غير امداد يافتہ، بي ثمر، بي ثمرو، خالي، هٿين خالي، اڻ تيار، بنا ڪنهن شيءِ جي، سهوليت کان محروم، سهوليتن کان وانجهيل.

unprovident (اَن پرووِيڊنٽ) **adj** improvident.غير محتاط. بيوقوف، چسو، غافل، اڻ ساڻديل، ڪوتاهہ انديش، وانجهيل.

unprovoke (اَن پـرووڪ) **vt** to counteract provocations.ٿڌو ڪرڻ، جوش گهٽائڻ، ڪاوڙ گهٽ ڪرائڻ، چرچ ڪي روڪڻ.

unprovoked (اَن پرووڪڊ) **adj** not provoked; uncalled for.بنا ڪاوڙ جي، هرو ڀرو، پاڻ مرادو، ري ڪوٺيو، ري چيو، بي طلب، نہ چيڙيل، نہ چيڙايل، غير ضروري.

unpublicized (اَن پبلسائزڊ) **adj** not publicized.غير مشهور. بنا مشهوريءَ جي، مشهور نہ ڪيل، نہ هَلايل، نہ پکيڙيل، نہ هلايل.

unpublished (اَن پبلشڊ) **adj** not published.شايع نہ ٿيل. اڻ شايع ٿيل، اڻ ڇپيل.

unpunctual (اَن پنڪچوئل) **adj** not punctual.وقت تي نہ ايندڙ، گوسڙو، غير مهلاڻتو، ڪمهلو، بي وقتو، اويرو، سست، پوري وقت تي نہ ايندڙ، ناپابند وقت.

unpunctuated (اَن پنڪچوئيٽيڊ) **adj** not punctuated.بيهڪ جون نشانيون نہ لڳل. (گرامر) اعرابن کان سواءِ، غير اُچاريل.

unpunishable (اَن پنشيبل) **adj** that cannot be punished.ناقابل سزا. جنهن کي سزا نہ ڏئي سگهجي، سزا نہ ڏيڻ جهڙو، ناقابل سزا.

unpunished (اَن پنشڊ) **adj** not punished.سزا نہ آيل، سزا نہ مليل، غير سزا يافتہ.

unpurified (اَن پيوريفائڊ) **adj** not purified.صاف نہ ٿيل، غير صاف، خراب ٿيل، ڪچو، گدلو، ملاوتي، اڻ صاف، ناپاڪ، نجس، پليت.

unpurse (اَن پرس) **vt** to relax (the lips) from pursing; to disburse.ورهائڻ، ورهائي ڏيڻ، ڀيڙيل چپن کي اصلي حالت ۾ آڻڻ.

unpurveyed (اَن پرويڊ) **adj** not purveyed; not provided with; unprovided or unprepared.جنهن لاءِ ڪجهہ ۽ مهيا نہ ٿيل هجي، اڻ مهيا ٿيل، خالي، غير تيار، سهوليتن کان وانجهيل، محروم.

unputdownable (اَن پُٽ ڊائونبل) **adj** (of a book) so engrossing that one has to go on reading it اهڙو ڪتاب جنهن کي پڙهڻ کانسواءِ رکي نہ سهگجي، اهڙي شئي جنهن کي ور ور ڪري ڏسجي، ديده زيب، تمام گهڻو وڻندڙ ڪتاب يا شيءِ.

unqualified (اَن ڪوليفائڊ) **adj** not competent; not legally or officially qualified; not modified or restricted; complete.غير سند يافتہ، شرط کانسواءِ، نالائق، قابليت کان بغير، ناقابل، اڻ روڪيل، اڻ بدليل، اڻ مٽايل، مڪمل، بنا خاميءَ جي، سرڪاري يا قانون طور نا اهل، بنا اهليت جي، بنا اختيار جي.

unqualitied or unqualited (اَن ڪواليٽيڊ) **adj** bereft of qualities. خوبين کان خالي، خوبين کان وانجهيل.

unquantifiable (اَن ڪوئنٽيفائبل) **adj.** impossible to quantify. جنهن جو مقدار معلوم نہ ڪري سگهجي، اڪٿ، اموُ، اڻ ميو.

unqueen (اَن ڪئين) **vt** to deprive of a queen; in bee-keeping, to deprive a beehive of a queen bee.عورت کان تخت ۽ بدشاهي کسڻ، حڪومت کسڻ، ماکيءَ جي مکين جي ولر کان راڻي مک ڪڍڻ.

unquenchable (اَن ڪنچبل) **adj** that cannot be quenched. جنهن کي ٿڌو نہ ڪي سگهجي، الوسامندڙ، جيڪو وسامي نہ سگهي، اڻ مٽ، نہ لهڻ جي (اُڃ).

unquenched (اَن ڪنچڊ) **adj** not quenched.ٿڌو نہ ٿيل. (اُڃ نہ اُجهايل، اڻ وسايل، اڻ اُجهايل (جيئن اُڃ يا باهہ).

unquestionable (اَن ڪشنبل) **adj** not to be questioned, certain, beyond doubt; averse to conversation, or impatient of question. جنهن متعلق پُڇي نہ سگهجي، بلا اعتراض، ناقابل اعتراض، مڪمل، يقيني، خاطريءَ وارو، ڳالهہ ٻولهہ نہ چيڙيندڙ، سوال جواب نہ ڪندڙ، ڳالهائڻ کان پاسو ڪندڙ.

unquestionably (اَن ڪشنبلي) **adj** in such a way as to be unquestionable; certainly, without doubtشڪ کان ٻاهر، بلاشڪ، پڪو، بنا شڪ وشبي، بنا ڪٽڪي، چون چرا کانسواءِ.

unquestioned (اَن ڪئيشنڊ) **adj.** not called in question; not subjected to questioning; not examined. پيا ڳاڇا ۾ نہ آيل، اڻ پڇيل، اڻ آڪيل، پيا ڳاڇا نہ ڪيل، ڇڪاس نہ ڪيل، آڏي پيا نہ ڪيل.

unquestioning (اَن ڪئيشننگ) **adj.** asking no questions; done without asking any questions. پڇا نہ ڪندڙ، سوال جواب نہ ڪندڙ، بنا سوال جواب جي (حاصل ڪيل مطلب).

unquiet (اَن ڪوائيٽ) **adj, vt.** disturbed; restless; uneasy; disquiet; inquietude; to disquiet. بي سڪون، بي قرار، بي آرام، سک ڦٽو، بي چين، منجهيل، گهبرايل، پريشان، وڪوڙيل، ٿڙ ٿڙ، بي آرام ڪرڻ، فرحت وڃائڻ، سک ڦٽائڻ، گهبرايل.

unquotable (اَن ڪوٽبل) **adj** unsuitable or unfit for quotation; that cannot be quoted.جنهن جو مثال ۽ حوالو نہ ڏئي سگهجي، حوال نہ ڏيڻ لائق، لاتعلق.

unquote (اَن ڪوٽ) **vt** to close a quotation; to mark the end of a quoted passage with superscript comma or commas, used as interj to indicate that a quotation is finished.حوالي طور ڏنل لفظن کي ڏنگين يان ابتي دم جي نشانيءَ سان بند ڪرڻ، ڪنهن ٻئي جي استعمال ڪيل لفظن کي ڏنگين يا واڪ جي نشانين رستي واضح ڪري لکڻ يا بند ڪرڻ، واڪ جي نشانين سان ٻئي جي لکت کي واضح يا بند ڪرڻ.

unquoted (اَن ڪوٽڊ) **adj** (of a company) not quoted on the Stock Exchange list.(ادارو) جنهن جا حصا مارڪيٽ ۾ وڪري لاءِ نہ موجود هئڻ، درج نہ هئڻ يا داخلا نہ ٿيل.

unracked (ان ريڪڊ) adj (of liquor) not drawn off from the lees; not stretched on the rack; not strained. اڻ (شراب) ٻاهر نه ڪڍيل. اصل حالت ۾ موجود. اڻ ڇاڻيل.

unrake (ان ريڪ) vt to uncover by raking. لوڏڻ. کولڻ.

unraked (ان ريڪڊ) adj not raked; uncovering by raking; (of a fire) not banked up. اڻ کوليل. لوڏيل. ملايل. کوئلن يا ٻريل ڪاٺين کي لوڏي يا ڏنڊاڙي چار هٽائي واڪو ڪرڻ ته جيئن تاءُ ڏيئي سگهن. اڻ روڪيل.

unravel (ان ريول) vt to disentangle; to unknit; to become disentangled; to probe and solve a mystery. (سٽ) سلجهائڻ. مشڪل حل ڪرڻ. کوليڻ. ڦلهيرڻ. وکڻ. سوجهڻ. ڇڏائڻ. آزاد ڪرڻ. راز کولڻ. ڳجهه پروڙڻ. حقيقت کولڻ. اکيلڻ. سلڻ. سمجهائڻ.

unrazored (ان ريزرڊ) adj unshaven. صاف نه ٿيل. وار نه ڪوڙيل. ڏاڙهي نه لاٿل.

unreachable (ان ريچبل) adj that cannot be reached. جتي پهچي نه سگهجي. نه پهچڻ جهڙو. مشڪل. ڏور.

unreached (ان ريچڊ) adj not yet evangelized. پهتل نه هجي. نه پهتل. نه داخل ڪيل (مذهب ۾). لا حاصل. پهچ کان متي.

unread (ان ريڊ) n not informed by reading; not perused. نه سمجهيل. اڻ پڙهيل. (تعليم) نه ڏنل. مطالعو نه ڪيل.

unreadable (ان ريڊبل) adj indecipherable; too dull or badly-written to be read. نه جنهن کي پڙهي نه سگهجي. نه پڙهڻ جهڙو. خراب لکيل. پڙهڻ کان ڇڙهيل (اکر).

unready (ان ريڊي) adj not ready, prepared or prompt; hesitating, holding back; undressed or not dressed; uncounselled or unwise, redeless. جيڪو تيار نه هجي. اڻ تيار. اڻ هوشيار. غافل. بي خبر. اڻ ڄاڻ. منجهيل. پاڻ تاڻين رکندڙ. ٻه دلو. ٻه چتو. ڍلو تر ۾. (ڪپڙا) نه پهريل. صلاح نه ڪيل. مشورو نه مليل. بغير تياريءَ جي.

unreal (ان ريئل) adj not real or like reality; incredible; illusory; amazing, unbelievable; a general expression of appreciation or admiration. غير حقيقي. غير اصلي. ڪوڙو. بي وجود. وهمي. مايا روپي. آست. غير اعتباري. حيران ڪن. تصوراتي. ڪهاڻي. پورالو. تعجب يا ميٺا جو اظهار ڪرڻ.

unrealistic (ان ريئلسٽڪ) adj not like reality; unreasonable or impracticable. غير حقيقت پسندانه. غير حقيقي. عمل نه ڪرڻ جهڙو. غير عملي. غير حقيقي. بعيد العقل. غير واجبي. عقل کسان والجهل. بي سبب.

unreality (ان ريئلٽي) n absence or lack of reality or existence; an unreal thing. غير اصليت. غير حقيقي. اوستتا. غير موجودگي. نقلي. ڪوڙي شيءِ.

unrealize (-ise) (ان ريئلائيز) vt to divest of reality. صحيح حيقت يا اصليت کان وانجهڻ. حقيقت مٽائڻ. غير حقيقي بنائڻ.

unreason (ان ريزن) n lack of reason or reasonableness; nonsense; injustice. بي دليل. دليل جي غير موجودگي. بڪواس. زيادتي. نا انصافي. حق تلفي.

unreasonable (ان ريزنبل) adj not agreeable to reason; exceeding the bounds of reason, immoderate; not influenced by reason. جنهن جو دليل نه ڏئي سگهجي. عقل وٽان نه. غير مناسب. ناواجب. نامعقول. بعيد العقل. حد کان ٻاهر بي واجبي. غير واجبي. ڪم عقل. حقيقت نه سڃيندڙ. اندازي کان وڌيڪ. ايوڳ. نامناسب. بي عقل. ناروا. عقل کان ڪورو. غير منطقي.

unreasoned (ان ريزنڊ) adj not argued or thought out. دليل نه ڏنل. اڻ سوچيل. اڻ سمجهيل. ڳڻ ڳوت نه ڪيل.

unreasoning (ان ريزنگ) adj not reasoning; showing lack of reason, irrational. دليل نه ڏيندڙ. بيهودو. بي عقل. بي سمجهه. عقل يا سمجهه جي ڪميءَ وارو. ڪم عقل. غير عقلي.

unreave (ان ريو) vt to unweave; to unwind. (وڪڙ) کولڻ. منجهيل سٽ کولڻ. اڌيڙڻ. اکيلڻ.

unrebated (ان ريبٽڊ) adj unblunted; undulled; without rebate. ڳهٽ نه ٿيل. ملو نه ٿيل. تيز. بنا ڇڏ ڇوٽ جي.

unrecalling (ان ريڪالنگ) adj impossible to undo, not to be recalled. نه واپس نه ٿيندڙ. ختم يا واپس نه ٿيڻ جهڙو. نه موٽائڻ جهڙو. اڻ موٽ. ياد نه ڪرڻ جهڙو.

unrecked (ان ريڪڊ) adj not regarded or cared about. ڌيان پرواهه نه ڪيل. سنڀال نه ڪيل. اڻ سنڀاليل. ڦٽي ڪيل. ڌيان نه ڏنل.

unreceptive (ان ريسيپٽو) adj not receptive. قبول نه ڪندڙ. نه سمجهندڙ. نه وٺندڙ. اڻ سمائيندڙ. غير اثر پذير. اثر نه ڪندڙ.

unreciprocated (ان ريسپرو ڪيٽڊ) adj not reciprocated. ادل بدل نه ٿيل. ڏيتي ليتي نه ڪيل. برابر تعلق نه رکندڙ. موٽ نه ڏنل. موٽ نه مليل.

unreckoned (ان ريڪنڊ) adj not calculated or taken into account. اڻ اندازو. نه لڳايل. حساب نه ڪيل. نه سنڀاليل. اڻ ڳڻيل.

unreclaimed (ان ريڪليمڊ) adj not reclaimed. اڻ سنواريل. واپس حاصل نه ڪيل. صاف نه ڪيل. اڻ سڌاريل. سنهڻ پير تي نه آيل. آباديءَ لائق نه بنايل. غير آباد.

unrecognizable (ان رڪگنائزيبل) adj that cannot be recognized. جنهن کي سڃاڻي نه ڪري سگهجي. سڃاڻپ ۾ نه ايندڙ. اڻ سڃاڻپو. نا واقف. اڻ واقف.

unrecognized (ان ريڪگنائزڊ) adj not recognized. تسليم نه ٿيل. نه سڃاتل. اڻ قبوليل. اڻ مڃيل. اڻ منظور ٿيل.

unrecompensed (ان ريڪمپنسڊ) adj not recompensed.

معاوضو نہ ڏنل، عيوضو نہ مليل، تاوڻ نہ پريل.

unreconciled (ان ريڪنسائلڊ) adj not reconciled. صلح نہ ٿيل، اڻ پرچايل، اڻ لهيل، اڻ ٺهڪايل، اڻ ٺهڪندڙ، غير مواقف.

unreconstructed (ان ايڪنسٽرڪٽيڊ) adj not reconstructed or rebuilt; not accepting the current situation or opinions; not adjusted or reconciled to reconstruction. تعمير نہ ٿيل، وري نہ ناهيل، موجوده حالتن کي نہ قبوليندڙ، موجوده روين کي نہ مڃيندڙ، نئين صورتحال سان نہ ٺهڪندڙ، نئين سر ناهيل بيهڪ کي مناسب طريقي سان نہ ٺهڪائڻ.

unrecovered (ان رڪورڊ) adj. due, yet to be recovered. غير وصول ٿيل، وصول ٿيڻو، بقايا، رهتو.

unrecuring (ان رڪرنگ) adj incurable. لا عــلاج، لا دوا، ناقابل شفا.

unredeemed (ان رڊيمڊ) adj not redeemed, esp spiritually or from pawn; without compensatory quality or circumstance, hence unmitigated, unrelieved. نجات نہ ڏنل، گناهہ نہ بخشايل، اڻ موڪيل، امڪت، (گروي رکيل شيء) نہ ڇڏايل، بنا ڪنهن خاص خوبيء جي، تڪليف واري حالت ۾، اڻ ڇڏايل، غير بحال، بحال نہ ڪيل، ڏک سور دور نہ ڪيل.

unredressed or unredrest (ان ريڊريسڊ) adj not redressed; without redress or possibility of escape. درست نہ ٿيل، تدارڪ نہ ٿيل، بنا تدارڪ جي، بچي نہ سهگڻ، جهڙو، نہ نڪرڻ جهڙو.

unreel (ان ريل) vt, vi unwind from a reel. ريل تان ڏاڪو، کولڻ، وڪڙ لاهڻ، اکيلڻ.

unreeve (ان ريو) vt to withdraw from being reeved. حاڪميت تان لاهڻ، سر پنهنجيء تان هٽائڻ، مکيء واري عهدي تان ڪيرڻ، عزت گهٽائڻ.

unrefined (ان رفائنڊ) adj not refined. اڻ سڌاريل، بد اخلاق، اڻ سوڌيل، ڪريل، خراب ٿيل، اڻ صاف، ڪچو، خام، ملاوٽي.

unreflecting (ان رفليڪٽنگ) adj not engaging in reflection or thought. پاڇو نہ ڏيندڙ، نہ سوچيندڙ، اڻ هنداڻيندڙ، غير عڪسي، سوچ ۾ نہ وجهندڙ، نہ چرڪائيندڙ.

unreformed (ان رفارمڊ) adj not reformed. اصلاح نہ ٿيل، اڻ سڌريل، بد اخلاق، ڪريل، اڻ سنواريل.

unregarded (ان رگارڊڊ) adj not regarded. ڌيان ۾ نہ آيل، پرواهہ نہ ڪيل، ڌيان نہ ڏنل، گهربل عزت يا داد نہ ڏنل.

unregenerate (ان ريجنريٽ) adj not regenerate; unrepentant, refusing to be reformed. پيهر وجود ۾ نہ ايندڙ، وري نہ نڪرندڙ يا ڦٽندڙ، سڌرڻ کان انڪار ڪندڙ، غير پشيمان، توبهہ تائب نہ ٿيندڙ، پڇتاءُ نہ ڪندڙ.

unregistered (ان رجسٽرڊ) adj not registered. درج نہ ٿيل، اڻ داخل ٿيل، دفتر ۾ داخل نہ ٿيل، بنا داخلا، رجسٽر نہ ٿيل، غير رجسٽري (ٽپال وغيرهہ).

unregulated (ان ريگيوليٽڊ) adj not regulated. قاعدي مطابق نہ ٿيل، بي ترتيب، بي ضابطي، اڻ سنواريل، اڻ سڌريل.

unrehearsed (ان ريهرسڊ) adj not rebearsed. اڳواٽ تجربو يا مشاهدو نہ ڪيل، دور نہ ڪيل، نہ دهرايل.

unrein (ان رين) vt. to relax the rein of, give rein to. اختيار ڪسڻ، لغام ڍرو ڪرڻ، لغام ڇڏڻ، ڇڙواڳ ڪرڻ.

unreined (ان رينڊ) adj unchecked. باز نہ آيل، بنا لغام جي، بنا بندش يا روڪ جي، بي لغام، ڇڙواڳ.

unrelenting (ان رليٽنگ) vt not relenting or yielding; unmerciful; not abating or relaxing. ترس نہ ڪندڙ، بي ترس، ڪٺور، بيرحم، ڪٺر، سنگدل، نہ گهٽجهندڙ، هلڪو، نہ ٿيندڙ، ڍرو نہ ڪندڙ.

unreliable (ان رلائبل) adj not reliable; erratic; not to be relied upon. ناقابل اعتبار، غير اعتباري، نامعتبر، بي ڀروسي، بي اعتبار، ڦرندڙ گهرندڙ، ڇڄڪيء ڪاڏو، لهري، دل واليو، ڏؤر دل، سرگردان.

unrelieved (ان رليوڊ) adj lacking the relief given by contrast or variation; not aided or assisted. مدد نہ ٿيل، پنهنجي حالت ۾ ڇڏيل، غير امدادي، امداد نہ ڪيل، بي فرحت، بي آرام.

unreligious (ان رليجس) adj not connected with religion; not religious without being necessarily contrary or hostile to religion; irreligious. غير مذهبي، مذهب سان نہ لاڳاپيل، مذهب سان غير واسطيدار، مذهب کان بي تعلق، غير ديني.

unremarkable (ان مارڪبل) adj not remarkable; uninteresting. ناقابل ذڪر، ڦڪو غير دلچسپ، ڪنهن خاص خوبيء کان وانجهيل.

unremarked (ان رمارڪڊ) adj not mentioned or remarked upon; unnoticed. نگاهہ ۾ نہ آيل، ذڪر نہ ڪيل، اڻ ٻڌايل، ناقابل ذڪر، ڌيان تي نہ آيل.

unremembered (ان ريمبرڊ) adj not remembered. ياد نہ ڪيل، ياد نہ رکيل، وساريل، نظر انداز ٿيل.

unremitting (ن رمٽنگ) adj not remitting or relaxing; continued; incessant. لڳاتار، لڳاتار، نہ لٿـندڙ، واپس نہ ٿيندڙ، ساندهہ، هميشہ، هلندڙ، هڪ ڌڙو، پيو لڳندڙ، اکوٽ، بنا بيهڪ، دائمي اڻ ٽٽ.

unremorseful (ان رمورسفل) adj feeling no remorse. بي رحم ۽ پشيماني نہ محسوس ڪندڙ، غير پشيمان، بي ترس، ڪٺور، ندامت محسوس نہ ڪندڙ.

unremorseless (ان رمورس ليس) adj remorseless. غير پشيمالي، بي رحمي، بي ترسي، ڪٺوراڻپ.

unremovable (ان رمووبل) adj not removable; immovable, fixed, constant. قابو، مقرر، جنهن کي هٽائي نہ سگهجي، بيهاريل، اڻ چرندڙ، نہ هٽائڻ جهڙو.

unremoved (ان رموود) **adj** not removed; fixed, unshaken.مقرر، اڻ چرندڙ، نہ چورڻ يا لوڏڻ جھڙو، نہ لڏندڙ، جنھن کي هٽائي نہ سگھجي، ثابتو، چميل.

unremunerative (ان ريمولريٽو) **adj** bringing no, or not enough, profit or income..غير نفع بخش، غير فائدي مند، غير مناسب، بنا يا گھٽ معاوضي جي.

unrenewable (ان رينيوبل) **adj** that cannot be renewed. جنھن کي نئون نہ ڪري سگھجي، نئون نہ ڪرڻ جھڙو، ناقابل تجديد.

unrepealed (ان ريپلڊ) **adj** not repealed; still effective. رد نہ ٿيل، موجود، لاڳو، مروج.

unrepeatable (ان ريپٽبل) **adj** not repeatable; indecent, gross; that cannot be done again.جنھن کي وري نہ ڪري سگھجي، نہ ورجائڻ جھڙو، نہ دھرائڻ جھڙو، ڪنو، گندو، وري نہ ڪرڻ جھڙو.

unrepentant (ان رپنٽنٽ) **adj** not repentant, impenitent..توبھہ نہ ڪندڙ، نہ پڇتائيندڙ، توبھہ تائب نہ ٿيندڙ، ڪٺور، غير پشيمان، غير تائب.

unreported (ان ريپورٽڊ) **adj** not reported.اطلاع نہ ٿيل، اڻ ٻڌايل، اڻ ڄاڻايل، غير اطلاعي، درج نہ ڪرايل، داخل نہ ڪيل، اڻ ڇپيل (خبر).

unrepresentative (ان ريپريزنٽيٽو) **adj** not representative. نمائندگي نہ ڪندڙ، غير نمائندہ، اڻ چونڊيل.

unrepresented (ان ريپرينٽڊ) **adj** not represented.نمائندگي نہ ٿيل، اڻ ٻڌل، صلاح نہ ٿيل.

unreproved (ان ريپروڊ) **adj** not reproved; not liable to reproof, blameless.تنبيھہ نہ ٿيل، تنبيھہ لائق نہ هجڻ، بي ڏوهي، بي گناهہ، بي خطا، ري ميار.

unrequested (ان رڪيسٽڊ) **adj** not requested or asked for. عرض نہ ٿيل، اڻ گھريل، نہ چيل، بنا چوڻ جي، منٿ نہ ڪيل.

unrequired (ان رڪائرڊ) **adj** unasked; unasked for; unnecessary..غير ضروري، اڻ گھريل، اڻ چيل، اڻ آکيل، بالمرادو، هرويرو.

unrequited (ان رڪئٽڊ) **adj** not reciprocated or returned.بدلي ۾ نہ آيل، عيوض ۾ نہ مليل، بنا عيوض جي، واپس نہ ڪيل، نہ موٽايل، موٽ نہ ڏنل، عيوض ۾ نہ ڏنل.

unreserve (ان رزرو) **n** absence of reserve..ذخيرهہ نہ ڪيل، غير پاڇي، محفوظ نہ ڪيل، بچت نہ ڪيل، خالي، سچار، بي تڪلف.

unreserved (ان رزروڊ) **adj** not reserved; without reserve or reservation; unrestricted, unqualified..محفوظ نہ ٿيل، محفوظ نہ رکيل، بنا شرط، پورو، ڪلي، سچوٽي، کليو، صاف (دل)، لسڪيٽ، صاف صاف، لڪائڻ کانسواءِ، بندش نہ پيل، بي بند شو، بنا شرط شروطن جي، بي شرطو.

unresistable (ان رزنٽبل) **adj** irresistible.جنھن کي روڪي نہ سگھجي، آڻ واريو، آجھل، بجھيل، قلمي، زبردست، موھيندڙ.

unresisted (ان رزڙٽڊ) **adj** not resisted.روڪيل نہ هجڻ، اڻ روڪ، اجھل، زبردست، انڪار جھڙو نہ، بي روڪ.

unresisting (ان رزڙنگ) **adj** not resisting..نہ روڪيندڙ، انڪار نہ ڪندڙ، قبوليندڙ، مڃيندڙ، راضي.

unresolvable (ان رزالوبل) **adj** (of a problem or conflict) that cannot be resolved.جنھن کي حل نہ ڪري سگھجي، غير حل پذير، مشڪل ، ڏکيو.

unresolved (ان رزالوڊ) **adj** not resolved, determined, settled or solved; irresolute; undecided; not separated into its constituent parts.حل نہ ٿيل، طئي نہ ٿيل، اڻ فيصل، فيصل نہ ٿيل، نہ مڃيندڙ، نہ مڙندڙ، جدا نہ ڪيل، حل نہ ٿيل، حصن ۾ نہ ورهايل، مڪمل.

unresolvedness (ان رزالوڊنيس) **adj** irresolution..بي ڪنتي، بہ چتائي، فيصلي جي ڪمي.

unrespective (ان ريسپيڪٽو) **adj** indiscriminate; inattentive, unthinking; undiscriminating..بي ساڳاهو، الدلس، بي امتياز، اوشيش، بي سمجھہ، بي خيال، بي تميز، سوچ ويچار کان خالي، اڻ ويچاريل، بي ڌيان، تميز نہ ڪندڙ، خيال نہ رکندڙ توجھہ نہ ڏيندڙ.

unrespited (ان رسپٽڊ) **adj** without respite or pause. مهلت کانسواءِ، لاڳيتو، متواتر، بي روڪ، بنا وقفي جي، مسلسل، لڳاتار.

unresponsive (ان ريسپانسو) **adj** not responsive غير تاثر پذير، جواب نہ ڏيندڙ، سڏ جو سڏ نہ ڏيندڙ، غير موافق، اڻ ملندڙ، اڻ لهڪندڙ، بي وڙو.

unrest (ان ريسٽ) **n** lack of rest; disquiet; disturbance; discontent verging on insurrection..بي چيني، بي فرحتي، بي آرامي پيڙا، تڪليف، بي قراري، وڳوڙ، افراتفري، ڳوڙ شور، هل هنگامو، بد امني، هلچل.

unrestful (ان ريسٽفل) **adj** not restful; uneasy; full of unrest..بي آرام، بي فرحت، بي قرار، بي چين، تڪليف ۾، اسڪ، دکي، بي تاب، ويا ڪل.

unrestored (ان رسٽورڊ) **adj** not restored.بحال نہ ٿيل، پري نہ ڏنل، موٽي نہ مليل، مرمت نہ ڪيل، اهڙي جو اهڙو، اڻ سڌاريل، واپس نہ ڪيل، موٽائي نہ ڏنل.

unrestrained (ان رسٽرينڊ) **adj** not restrained.مزاحمت نہ ٿيل، بنا روڪ، آجھل، اڻ واريو، السپي، رضاڪارڻو، رضاڻو، نيم رهت، چڙواڳ، مطلق، (اختاري) بي لغام.

unrestricted (انريسٽرڪٽڊ) **adj** not restricted..پابند نہ ٿيل، مطلق، اجھل، اڻ واريل، چڙواڳ، بي لغام، مواس، اڻ روڪيل.

unreturned (ان رٽرنڊ) **adj** not reciprocated or responded to; not having returned or been returned.واپس نہ ٿيل، پري نہ ڏنل، نہ موٽايل، واپس نہ آيل، جواب نہ موڪليل.

unrevealed (انريولڊ) adj not revealed; secret. ظاهر نہ ٿيل، لڪل، مخفي، پوشيدو، واڪو نہ ڪيل، نہ پڌايل، نہ ڏسيل، راز.

unreverend (ان رورنڊ) adj not reverend; not reverent; irreverent, unreverent. غير مذهبي، بنا ديني يا مذهبي حيثيت جي، بي ادب، بي مروت، بي محابو، لاغرض.

unreverent (ان رورنٽ) adj not reverent. بي ادب، بي مروت، ادب نہ ڪندڙ.

unreversed (ان رورسڊ) adj (esp of a decision) not reversed. نہ ڦيريل، (فيصلو) موجود، نہ مٽايل، واپس نہ ڪيل.

unreverted (ان رورٽڊ) adj not turned back. واپس نہ هٽيل، پوئتي نہ موٽايل، پوئتي نہ ڪيل.

unrevised (ان روائيزڊ) adj not revised; in an original form. پيهر نظر ثاني نہ ٿيل، اصل، حالت ۾، ساڳي يا اصلي حالت ۾.

unrevoked (ان رووڪڊ) adj not revoked or annulled; still in force. منسوخ نہ ٿيل، لاڳاپيل، مروج، لاڳو، عمل پذير.

unrewarded (ان رواردڊ) adj not rewarded. انعام نہ ڏنل، اجورو نہ ڏنل.

unrewarding (ان رواردنگ) adj not rewarding or satisfying. انعام نہ ڏيندڙ، اجورو، نہ آڻيندڙ، مطمئن نہ ڪندڙ، غير فائدي مند.

unrhymed (ان رائمڊ) adj not rhymed. قافيي ۾ نہ آيل، بي سرو، بي تال.

unrhythmical (ان ٿميڪل) adj not rhythmical. وزن ۾ تناسب ۾ نہ لهڪندڙ، بي سرو، بي تال.

unridden (ان رڊن) adj not ridden. سواريءَ طور ڪتب نہ آندل.

unriddle (ان رڊل) vt solve or explain a mystery etc. راز کولڻ، سلڻ، حل ڪرڻ، تعبير ڪرڻ، سمجهڻ، ڳجهارت پچڻ، پرولي پروڙڻ، معمو حال ڪرڻ، سمجهائڻ.

unrideable (ان رائڊبل) adj that cannot be ridden. جنهن تي سواري نہ ڪري سگهجي، اڻ ڪيڙيل، ڪتر.

unrig (ان رگ) vt remove the rigging from a ship; undress. جهاز جا اسباب ۽ اوزار لاهڻ، ڪپڙا لاهڻ، لباس لاهڻ، اگهاڙو ٿيڻ، خالي ڪرڻ.

unright (ان رائٽ) n wrong; unfairness, injustice; wrong. بلڪل غلط، ڪوڙو، ناحق، ڪوڙو، ڪوتائي، نا انصافي، زيادتي، ريا ڪاري، بي ايماني.

unrighteous (ان رائيٽس) adj not righteous; unjust, wicked, dishonest. غير صالح، غير متقي، بي انصاف، اڻيائي، بي جاهہ، ظالم، ناجائز، ڪنياڏ، بي ايمان، ناحق، بدڪار، شرارتي، بڇڙو، بد اخلاق، ڪلور، بي رحم، بي دين، فاسق، پليت، اڌرمي، نارست.

unrip (ان رپ) adj to rip up or open; to strip, lay bare; to disclose. کولڻ، ڦاڙڻ، اگهاڙو ڪري رکڻ، کولي رکڻ، (راز) ظاهر ڪرڻ، (ڳجهہ) سلڻ، ٻاسڻ.

unripped (ان رپڊ) adj not ripped; ripped up or open. جيڪو ڪليل نہ هجي، بند ٿيل، ڍڪيل، لڪايل، کوليل، نہ ڍڪيل، اگهاڙو.

unrisen (ان رزن) adj that has not risen. مٿي نہ چڙهيل، اڻ ابريل، اڻ ظاهر، لڪل.

unrivalled (ان رائولڊ) adj having no equal; peerless. برابري نہ ٿيل، غير برابر، لاثاني، بي نظير، بنا مقابلي، بي مٽ، بي ثاني، بي مثل، اڻ پيٽيو، الوپ.

unrivet (ان روٽ) vt to loose from being riveted; to detach. ڪِلَ هٽائڻ، جوڙ کولڻ، جدا ڪرڻ، الڳ ڪرڻ.

unroadworthy (ان روڊ وردي) adj not roadworthy; of a vehicle not fit to be brought on road رستي ۽ سڙڪ تي نہ هلڻ جهڙي (گاڏي)، اڻ هلندڙ، ڦٽل، بگڙيل، خراب ڪيل، نہ هلائڻ جهڙي، رستي يا سڙڪ تي نہ اچڻ جهڙي (گاڏي).

unrobe (ان روب) vt to strip of a robe, to undress; to take off a robe, esp of state. لباس کان محروم ڪرڻ، پوشاڪ لهرائڻ، اگهاڙو ڪرڻ، سرڪاري عهدي وارو اعزاز لهرائڻ، اعزاز واپس وٺڻ، خلعت، خطاب واپس وٺڻ.

unroll (ان رول) vt to pen out from a rolled state; to strike off the roll; to become unrolled. کولڻ، وِڪڙ کولڻ، ويڙها کولڻ، ويڙهيل شيءِ کولي رکڻ، اکيلڻ، رجسٽر يا داخلا مان نالو ڪڍڻ يا ڪٽڻ.

unromantic (ان رومانٽڪ) adj not romantic. غير رومانوي، غير محبتي، بي مزي، الوڻندڙ، پيار کان چسو، رکو، خشڪ، بي ذوق.

unroof (ان روف) vt to strip the roof from. ڇت ڊاهڻ، ڇت لاهڻ، ڇت کان والجهو ڪرڻ، ڇپر هٽائڻ.

unroofed (ان روفڊ) adj not roofed; striped of its roof. ڇت کان سواءِ، بنا ڇت، ڇت لاٿل، ڇپر ڇانوَ هٽايل.

unroost (ان روسٽ) vt to drive out of a roost. بي دخل ڪرڻ، (پکيءَ کي) آکيري مان اُٿارڻ، (ڪڪڙ کي) آري تان اٿارڻ.

unroot (ان روٽ) vt to tear up by the roots. پاڙ کان ختم ڪرڻ، پاڙ پٽڻ، بي پاڙ ڪرڻ، پاڙ ڪڍڻ، لاهہ ڪڍڻ، جڙهہ ڪڍڻ.

unrooted (ان روٽڊ) adj without root; not uprooted; rooted out. پاڙ کان ختم ٿيل، بي پاڙ، پاڙ پٽيل، پاڙ کان ڪڍيل.

unrope (ان روپ) vt to loose from a rope. رسو ڍرو ڪرڻ، رسي کولڻ يا ڍري ڪرڻ، آزاد ڪرڻ.

unrough (ان رف) adj not rough; beardless. نرم، ملائم، بنا ڏاڙهيءَ جي.

unrounded (ان رائونڊڊ) adj not rounded; articulated with spread lips. گول شڪل نہ بنايل، چپن کي گول ڦيرائڻ، ڪالسواءِ اچاريل لفظ جيئن باهوڙيل ۾ هو جو اچار.

unroyal (ان رائل) adj not royal. غير شاهي، عام.

unrude (ان رپوڊ) **adj** not rude; rude, uncouth.مذهب ۽ اخلاق وارو، تميز، وارو، اناڙي، اڻ گهڙيو، ڪڌنگو، اناڙي، آکلو، ڳنوار، بوزان، بز.

unruffable (ان رفبل) **adj** imperturbable.لشچل، اڏول، اچل، اڏ لاڪيمال، ٺڏي سيني، هلّ ڏوکي.

unruffle (ان رفل) **adj** to restore or recover from ruffling. ترتيب ۾ آڻڻ، بيهڪ ڏيڻ، ٺاهي رکڻ.

unruffled (انرفلڊ) **adj** not agitated or disturbed; calm; not physically ruffled..ٺڏو، بي جوش، اڏول، باقرار، اسٿر، ساڪن، ساڻتيڪو، ماٺو، لسٽر، با آرام، ڌيرج وان، ماٺيشو، هموار، بنا لهرن جي، بنا گهنجن جي، مطمئن.

unrule (ان رول) **n** anarchy..لاقانونيت، افراتفري، وڳوڙ، الڏ ڏلڏ، بادشاهه گردي، طوائف الملوڪي، درهم برهم، شورش.

unruled (ان رولڊ) **adj** not governed; without rules lines.قائدي قانون کانسواءِ، لاقانوني، بي حڪومت، بنا ليڪن جي (پنو)، لسو.

unruliment (ان روليمنٽ) **n** unruliness..بي قاعدگي، افراتفري، الڏ ڏلڏ، وڳوڙ، بغاوت، شورش.

unruly (ان رولي) **adj** ungovernable; unmanageable; turbulent; stormy.جنهن کي سنڀالي نه سگهجي، الڏڏلڏ واري حالت، سرڪش، بي لغام، منهن زور، اراوندو، طوفاني، آڪرو، فتنائي، دنگي باز، فسادي، چڙواڪ.

unsaddle (ان سيڊل) **vt** to take the saddle from; to dislodge from the saddle..زين هٽائڻ، هنو لاهڻ، سنج لاهڻ، سنجن کان والدو ڪرڻ، زين تان ڪيرائڻ، گهوڙي تان لاهڻ.

unsafe (ان سيف) **adj** not safe or secure; (of a conclusion or conviction) based on insufficient or suspect evidence.اڻ غير محفوظ، بي سلامت، غير هٽيڪو، اڻ سوگهو، اڻ پختو، جوکائتو، بي امن، خوفناڪ. (سزا يا فيصلو يا ڪنهن نتيجي تي پهچڻ) اڌوري يا نامڪمل شاهديءَ جي بنياد تي مليل.

unsaid (اَن سَيڊ) **adj** not said.چيل نه، اڻ چيو، اڻ آکيل، آکاهه نه ڪيل.

unsailed (ان سَيلڊ) **adj** unnavigated..بحري سفر نه ٿيل، جهاز راني نه ڪيل، اڻ ڏٺل يا نئون بحري رستو.

unsained (ان سينڊ) **adj** unblessed.رحمت ۾ نه ايل، دعا نه ڪيل.

unsaint (ان سينٽ) **vt** to divest of saintliness or of the title of saint. بزرگيءَ ۽ وليءَ جي عهدي تان هٽائڻ.

unsanctified (ان سينڪٽيفائيڊ) **adj** not sanctified.حلال ۽ پاڪ نه ٿيل، پليت، ناپاڪ، آپوتر.

unsanctify (ان سنڪٽي فاءِ) **vt** to undo the sanctification of; to desecrate.اڻ پاڪ پليت ڪرڻ، حرام ڪرڻ، اڻ پاڪ ڪرڻ، آپوتر بنائڻ، ناپاڪ ڪرڻ.

unsanctioned (ان سنڪشنڊ) **adj** not sanctioned; unauthorized.تصديق ۽ اجازت نه ڏنل، غير اجازتي، ري موڪل، بنا اجازت، بنا اختيار، اختيار ريءَ.

unsanitary (انِ سينٽري) **adj** without regard to sanitation, unhealthy..غير صحت منداڻو، بيمار، اگهو، نه پاءِ پوندڙ، ناموافق، روڳائتو، مريض، روڳي.

unsatiable (انِ سيئيبل) **adj** insatiable.جنهن جو پيٽ نه ڀري سگهجي، اڻ وَسامندڙ (بک، اُڃ، لالچ، شهوت)

unsatisfactory (انِ سيٽسفيڪٽري) **adj** not satisfactory; poor, unacceptable; (of a verdict or conviction) likely to constitute a miscarriage of justice. غير اطمينان بخش، غير تسلي بخش، ناقابل اطمينان، ناپسند، اڻ سهائيندو، خاطريءَ جهڙو نه، اڻ سهائيندڙ، غير خاطر خواهه. (عدالت جو فيصلو يا سزا) جنهن ۾ انصاف ٿيڻ جي خاطري نه هُجي، زيادتيءَ جو سبب بڻجي.

unsatisfied (انِ سيٽسفائيڊ) **adj** not satisfied..مطمئن نه ٿيل، ناراض، اڙهو، غير راضي.

unsatisfying (انِ سيٽيفائنگ) **adj** not satisfying.مطمئن نه ڪندڙ، راضي نه ڪندڙ، خوش نه ڪندڙ.

unsaturated (انِ سيچوريٽڊ) **adj** not saturated (in all senses). پريل نه هجڻ، اڻ رڇيل، غير پڪل، ڪچو.

unsaturated fat (انِ سيچوريٽيڊ فٽ) **n** an animal fat (usu solid, eg lard or butter) containing a high proportion of saturated fatty acids).غير رڇيل چربي، تمام گهڻي الداز واري نقصان ڪار چربيءَ وارو مکڻ، تيزابي مادي سان ڀريل شيءِ.

unsaved (ان سيوڊ) **adj** not saved.نه بچيل، مڪمل طور خرچ ٿيل، نه بچايل، غير محفوظ.

unsavoury (ان سَيوري) **adj.** not savoury, tasteless; unpleasant, disagreeable; offensive; disreputable.غير مزيدار، غير لذيذ، ڦڪو، بي ذائقو، غير سوادي، بي سواد، ناپسند، بي لذت، بي جس، اڻ وڻندڙ، بي لذت، خار ڏياريندڙ، چيڙائيندڙ، بدنام، خوار، رُسوا.

unsay (انِ سي) **vt** to retract (a statement).(اڳ ڏنل) بيان تان ڦرڻ، چيل ڳالهه تان ڦرڻ، لٽائڻ، واعدي تان ڦرڻ، انڪار ڪرڻ، ڦري وڃڻ، ڳالهه کائي وڃڻ.

unsayable (انِ سيبل) **adj** that cannot be said.جيڪو چئي نه سگهجي، نه چئي سگهڻ جهڙو، نه ٻڌائڻ جهڙو.

unscabbard (انِ اسڪيبرڊ) **vt** to unsheathe.(تلوار کي) غلاف، مان ڪڍڻ، مياڻ مان ڪڍڻ، ترڪش مان تير ڪڍڻ.

unscalable (انِ اسڪيلبل) **adj** that cannot be climbed. جنهن تي چڙهي نه سگهجي، مشڪل چڙهائي، اڙهانگو، اُڏو ترچو.

unscale (ان اسڪيل) **vt** to remove scales from..چلر لاهڻ (مڇي وغيره) چلر لاهي صاف ڪرڻ، چوڏا لاهڻ.

unscaled (ان اسڪيلڊ) **adj** unclimbed; cleared of scales; scaleless.(چوٽي) سر نه ڪيل، چلر لاٿل، بنان چلرن.

جي، چليل.

unscanned (ان اسڪينڊ) adj not scanned as verse; not scrutinized; unconsidered. غير شعر ۾ نه ناهيل، نه آندل، غير موزون، جانڇ نه ورتل، اڻ چڪاسيل، اڻ تپاسيل، غور هيٺ نه آندل.

unscathed (انِ سڪيٿڊ) adj not harmed or injured. نقصان کان بچيل، محفوظ، زخمي نه ٿيل، بچي ويل، سلامت، صحيح سالم، بنا ايذاءِ.

unscavengered (ان اسڪيونجرڊ) adj not cleared of rubbish. گند کان صاف نه ٿيل، گند پريل، صفائي نه ٿيل.

unscented (آن سينٽڊ) adj not scented. غير خوشبو نه لڳل، خوشبودار، خوشبوءِ کانسواءِ.

unsceptred (انِ اسڪيپٽرڊ) adj without a sceptre; deposed. بادشاهيءَ تان لٿل، بنا حڪومت جي، تخت تان لٿل.

unscheduled (انِ شيڊ ولڊ) adj not scheduled. بنا رٿيل پروگرام جي، اوچتو ، بنا اڳواٽ تياري يا اطلاع جي، غير رواجي.

unscholarly (ان اسڪالرلي) adj not scholarly. بغير ضروري يا مڪمل علم جي، عام ڄاڻ وارو، معمولي سمجهه وارو، بنا فهم فراست جي، بنا ڏاهپ جي، بنا ڪنهن خاص ڄاڻ يا ماهريت جي.

unschooled (انِ اسڪولڊ) adj uneducated; untaught; not sent to school; untrained, undisciplined; not made artificial by education. اڻ پڙهيل، ڄٽ، امي، جاهل، روايتي تعليم حاصل نه ڪيل، اسڪول نه موڪليل، اسڪول يا مدرسي مان تعليم نه حاصل ڪيل، اڻ ڪيڙيل، هٺ نوڪيو، اصل حالت ۾.

unscientific (انِ سائنٽفڪ) adj not in accordance with scientific principles; not familiar with science. سائنس جي ابتڙ، علمي يا سائنسي اصولن جي ابتڙ، وگياني اصولن جي ابتڙ، غير سائنسي، غير علمي، سائنسي علمن يا معاملن جي ڄاڻ نه رکندڙ.

unscissored (ان سيزرڊ) adj not cut with scissors. قينچيءَ سان نه ڪتيل، اڻ ڪتيل، ڪورو، مڪمل.

unscramble (آن اسڪريمبل) vt to decode from a scrambled state, or to restore to natural sound; to restore (something in which categories have been deliberately jumbled) to a system of classification and separation. لڪيل يا خفيه لکڻين يا نشانين کي اصل ٻوليءَ، هيئت يا صورت ۾ آڻڻ جيئن ڪنهن لڪل يا رمزي پيغام يا نياپي کي، منجهيل يا مشڪل حالت مان صاف حالت ۾ آڻڻ، سمجهڻ جهڙو ڪرڻ، آسان ڪرڻ، سولو ڪرڻ، اصل يا قدرتي آواز واري حالت ۾ آڻڻ، جدا ڪرڻ يا الڳ ڪري سمجهڻ جهڙو بنائڻ.

unscreened (آن سڪرينڊ) adj not screened; unsifted. تحقيق نه ٿيل، جدا نه ڪيل، نه سنياليل، نه چڪاسيل.

unscrew (ان اسڪريو) vt, vi to loose from a state of being screwed; to open, loosen or detach by screwing; to be capable of being or becoming unscrewed. کولڻ، پيچ کولڻ، چوڙي کولڻ، نل جو پيچ کولڻ، ڍلي جو پيچ کولڻ، جدا ڪرڻ اسڪرو ڪڍڻ، پيچ ڪڍڻ، کاڻون واري ڪلي جنهن کي ابتو ڦيرائي کولي سگهجي.

unscripted (انِ اسڪرپٽڊ) adj not using a script; unrehearsed; (of comments or moves) not planned, not in the script (radio, TV etc). بنا ڪهاڻي کان سواءِ ناهيل، بنا اڳواٽ تياريءَ جي ناهيل، لکيل مواد کان ٻاهران شامل ڪيل، ضرورت هيٺ درج ڪيل، اڻ رٿيل فقرا يا لفظ جيڪي ريڊيو يا ٽيليويزن جي ڪنهن پروگرام جي لکيل پڙهڻ ۾ شامل نه هجن پر پروگرام دوران ضرورت مطابق پڙهيا، چيا يا ڳايا وڃن.

unscriptural (انِ اسڪرپچرل) adj not in accordance with, or not warranted by, the Bible (Holy book). مقدس، ڪتاب جي تعليمات جي ابتڙ، انجيل جي اصولن جي خلاف.

unscrupled (ان اسڪرپلڊ) adj unscrupulous; not scrupled at. بد اخلاق شخص، بد نيت، بي اصولو، شرير، اوويڪي، ڪنهن به برائيءَ کان نه ڇڏندڙ.

unscrupulous (انِ اسڪريپولس) adj without scruples or principles. بي اصولو، جنهن جو ڪوبه اصول نه هجي، بدنيت، شرير، اوويڪي، ڪنهن به برائي کان نه ڇڏندڙ، ناعاقبت انديش، اخلاقي اصولن جي پابندي نه ڪندڙ.

unseal (ان سيل) vt to remove or break the seal of; to free from sealing or closure; to open. مُهر کولڻ، سيل کولڻ، بند کولڻ.

unsealed (انِ سيلڊ) adj not sealed; free from a seal; opened. مهر بند نه ٿيل سيل نه ٿيل، کليل.

unseam (ان سيم) vt to undo a seam of; to rip open. اُڌيڙڻ، سلائي کولڻ، سلائي کي ڇڪي کولڻ، اُبدائو کولڻ، اولي، بخيو، ٽوپو يا ڪناري کولڻ.

unseamed (انِ سيمڊ) adj without seams. ان سيبيل، بنا ٽوپي، بنا ڳنڍ، بنا درز، بنا ڪير، داغ، سنڌ يا نشان، لاڳيتو، هڪڙو، بنا جوڙ.

unsearchable (انِ سرچبل) adj inscrutable, not possible to be searched into; mysterious. اٿاه، آڳم، مشڪل، جنهن جي ڳولا نه ٿي سگهي، سمجهه کان ٻاهر، عجيب، ڳجهو، لڪل، اونهي اسرار يا ڳجهه وارو، تعجب خيز، عجب جهڙو.

unsearched (انِ سرچڊ) adj not searched. تلاش نه ٿيل اڻ ڳوليل، گم، سمجهه کان ٻاهر.

unseason (انِ سيزن) adj to affect disagreeably. بي موسم، بي وقت، اڻ وڻندڙ طريقي سان اثر وجهندڙ، ڪمهلو، غير موسمي.

unseasonable (انِ سيزنبل) adj not in season; ill-timed. ري جيڪو وقت، موسم ۾ رَتِ تي نه هجي، اڻ منداڻو، ري منداڻو، ڪويلو، ڪو وقتو، بي مهلو، بي وقتو، بي موسم، بي موقعو، ڪمهلو، غير موسمي.

unseasonal (انِ سيزنل) adj not typical of, or appropriate to the time or season. غير موسمي، ري منداڻو، مُند کان

متي ڪري، غير منداڪو، اڻ منداڪو، بي وقت، ڪمهلو، آراهڙي.

unseasoned (اَنِ سيزنڊ) **adj** without seasoning; not matured; not inured or habituated; unseasonable. بالغ نه ٿيل، تيار نه ٿيل، اڻ پڪل، نامڪمل، بي موسم، ري منڊ، غير عادي، بنا عادت جي، بنا مصالحي جي، آراهڙي.

unseat (ان سيٽ) **adj** to remove from a seat; to throw (a horse-rider); to oust from a parliamentary seat. ڪرسيءَ تان هٽائڻ، عهدي تان لاهڻ، پارليامان يا ايوان مان نيڪالي ڏيڻ، (گهوڙي جو) سوار کي ڪيرائڻ.

unseated (انِ سيٽڊ) **adj** not seated; ousted, thrown, removed from a seat. ڪرسيءَ سان هٽايل، وهڻ واري جاءِ تان نيڪالي ڏنل، گهوڙي جو ڪيرايل، ڦٽي ڪيل، ڪڍي ڇڏيل.

unseaworthy (انِ سيوردي) **adj** not seaworthy بحري سفر جي لائق نه هجڻ، آبرو، ساموڊي سفر نه ڪرڻ جهڙو.

unsecret (ان سيڪرٽ) **adj** failing to preserve secrecy. راز کي راز نه رکندڙ، سڀ کي ٻڌائيندڙ، پيٽ ۾ نه سانديندڙ.

unsecured (ان سڪيورڊ) **adj** not secured or made safe; (of a loan or creditor) without security. محفوظ نه ٿيل، غير محفوظ، (قرض) بنا ڪنهن مناسب ضمانت جي.

unseeable (اَن سيبل) **adj** invisible. جنهن کي ڏسي نه سگهجي، نظر نه ايندڙ، غائب، پوشيده، جيڪو ڏسڻ ۾ نه اچي، انتر ڌيان، الوپ، ادرش.

unseeded (انِ سيڊڊ) **adj** not seeded; (in lawn-tennis tournaments) not placed in the draw of top players; (of a player) not seeded. درجي ۾ نه آيل، (رانديگر) سيڪڙات، ڪچو، غير شماريل، هيٺين درجي وارو.

unseeing (انِ سينگ) **adj** not seeing; unobservant; without insight or understanding. جيڪو ڏسي نه سگهي، نه ڏسندڙ، بي ڌيانو، بي خيالو، بي سمجهه، اڻ سمجهو.

unseel (ان سيل) **adj** to unsew the eyes of; undo the seeling of. اکين جا ٽويا لاهڻ، نظر کولڻ، مُهر يا سيل ٽوڙڻ، آکيو لاهڻ.

unseeming (ان سيمنگ) **n** not seeming; unbecoming, unseemly. ظاهري طرح نه اڻ سهائيندو، نامناسب، ناشائتو.

unseemly (انِ سيملي) **adj** not seemly, becoming or decent; ill-looking; in a seemly manner. نامناسب، ناموزون، اڻ سهائيندو، ناشائستو، بد زيبو، بي شڪليو، ڪنو، اجوڳ، اڻ لهندو.

unseen (ان سِين) **adj** not seen; invisible; not previously seen or prepared for; inexperienced, not well up; an unprepared passage for translation. جيڪو اڳ ۾ ڏٺل ۽ پڙهيل نه هجي، اڻ ڏٺل، اميد نه ڪيل، تجويز نه ڪيل، موقعي مطابق نه، بنا تياريءَ جي مليل ترجمي لاءِ مواد.

unsegregated (ان سيگريگيٽڊ) **adj** not segregated. لڳ نه ٿيل جدا نه ٿيل جدا نه ڪيل، ڳنڍيل، جوڙيل، مليل.

unseized (ان سيزڊ) **adj** not seized; not taken or put in possession. قبضي ۾ نه آيل، نه پڪڙيل، قبضي ۾ نه ورتل.

unseldom (ان سيلڊم) **adv** not seldom; misused to mean seldom. اڪثر ڪري، غير اتفاقي، غير متواتر، اڻ لڳاتار يا لاڳيتو.

unselect (اَن سليڪٽ) **adj** not select. اڻ چونڊ نه ڪيل، چونڊيل، غير منتخب، عام، خاص نه.

unselective (اَن سليڪٽو) **adj** not selective. چونڊ نه ڪندڙ، جيڪو آيو سو اگهيو، منتخب نه ڪندڙ، هر ڳالهه يا شيءِ تي راضي.

unself[1] (ان سيلف) **n** altruism; impersonality. پاڻ کان غافل ٿيڻ، پاڻ وڃائڻ، فنا، پاڻ نه هجڻ، خير خواهي، بهبودي، سڀ جو ڀلو، پرار ٿنا، پرايڪار واد، هر جو ڀلو، بي غرض.

unself[2] (انِ سيلف) **vt** to divest of personality, individuality, selfhood or selfishness. مان کان والجهڻ، وڏائيءَ کان هٽائڻ، غرور ٽوڙڻ، بي غرض بنائڻ، ٻين جي ڀلائيءَ جي اصول تي عمل ڪرڻ، پنهنجي شخصيت ڇڏڻ، هٺ ڀڃڻ، آنا ٽوڙڻ، پاڻپو ختم ڪرڻ.

unselfconscious (ان سيلف ڪانشس) **adj** not selfconscious; natural. اهو شخص جنهن کي پنهنجو احساس نه هجي، پنهنجي ذات کان مٿيرو سوچيندڙ.

unselfish (ان سيلفش) **adj** having or showing concern for others; generous. ٻين جي ڀلائي لاءِ سوچيندڙ، بي غرض، جنهن کي لالچ نه هجي، سخي، ناخود غرض، نر لوڀي، نشڪام، اسوار ٿي، پر اپڪاري، ٻين جو خيال رکندڙ.

unseminard or **unseminaried** (انِ سيمينرڊ) **adj** without means of generation, deprived of semen or seed. بي تخم، واڌ ويجهه نه ڪندڙ، ٻج يا منيءَ کان والجهيل.

unsensational (انِ سينسيشنل) **adj** not sensational. غير هنگامي، خيز، بي حس، تاءُ نه اٿاريندڙ، جوش نه ڏياريندڙ.

unsense (انِ سينس) **vt** to deprive of sense or consciousness. عقل ۽ شعور کان محروم ڪرڻ، سمجهه وڃائڻ، هوش مان ڪڍڻ، بي هوش ڪرڻ.

unsensed (ان سينسڊ) **adj** meaningless. بي معنيٰ بي مقصد، بي مطلب، اجايو.

unsensible (انِ سينسبل) **adj** insensible. بي خبر، مورڇا، ناسمجهه گير، بي هوش، بي غيرت، الاسو، موڳو، بي درد، اڻ لکو، لسن جهريو، بي سڌ.

unsensibly (ان سينسيبلي) **adj** insensibly, imperceptibly; without sense. بي سمجهائيءَ سان، نامعلوم، اڻ لکو، بي مقصد، بي دردو، الاسو، موڳو، بنا سمجهه جي، بي هوش.

unsensualize (ان سينسيو ئلز) **vt** to free from the dominion of the senses. حواس ۽ هوش کسڻ، هوش حواس وڃائڻ، سمجهه کسڻ، عقل گم ڪرڻ، مت کسڻ، بي هوش ڪرڻ.

unsentimental (انِ سنٽيمينٽل) **adj** not sentimental. غير جذباتي، بخيل، جلدي ڇڙي نه پوندڙ، ڪاوڙ جي نه پوندڙ.

unseparated (اِنِ سيپريٽڊ) **adj** not separated. جدا نہ ٿيل. ڳنڍيل. غير ورهايل. اڻ ورڇيل. اڻ ولڊيل.

unserious (اِنِ سيريس) **adj** not serious; light-hearted. ڪنهن شيء کي ڌيان سان نہ ڏسندڙ. لا غرض. بي ڌيان. لا پرواهہ. رحمدل. مهربان.

unserviceable (اِن سروسبل) **adj** not serviceable; unfit for use. ناقابل استعمال. جيڪو مرمت يا استعمال جي لائق نہ هجي. نڪمو. بيڪار. سست. ڪم جو نہ.

unset (اِنِ سَيٽ) **vt** to undo the setting of; not set; not yet firm or solid; (of a jewel) not in a setting; unplanted. بي ترتيب ڪرڻ. ترتيب وڃائڻ. ترتيب مٽائڻ. غير پڪو. ڦيرائڻ جهڙو. ڪچو. اڻ بيهاريل. (هيرو ٻڙو) چڱيء طرح سان قابو نہ ڪيل. مٽان رکيل.

unsettle (اِنِ سيٽل) **vt** to change from being settled; to make uncertain, unstable or restless; to unfix; to become unsettled. غير مستحڪم ڪرڻ. هڪ هنڌ کان هٽي هنڌ رکڻ. بي فرحت ڪرڻ. بي آرام ڪرڻ. هڪ هنڌ نڪاڻو نہ ڪندڙ. بيهڪ ڪيڻ. بي کهر ٿي وڃڻ. سڪ ڦٽڻ.

unsettled (اِنِ سيٽلڊ) **adj** not settled, fixed or determined; changeable; not having the dregs deposited; not yet inhabited and cultivated; turbulent, lawless. غير مستحڪم. اڻ فيصل. ڊانو نا ڊول. ناپائدار. اڻ نهرايل. بي ڪٿيو. ابتر. گڙ ٻڙ. اڻ پڪو ڌليل. (معاملو) رليل. بي ٺاليڪو. بي نڪالي. آباد نہ ٿيل. اڻ لبيرو ٿيل. منجهيل. بي قرار. ڦرلدڙ ڪهرلدڙ. رولو. اٿل پٿل ڪيل. درهم برهم ڪيل. ڏوهاري.

unsewn (اِنِ سيون) **adj** not sewn; (a book binding in which the gathered sections are held in place by a process other than sewing, esp perfect binding or burst binding). اڻ. اهو ڪتاب جيڪو سبيل يہ ڳنڍيل نہ هجي. سبيل بنا سلائيء جي ڪيل جلد بندي. ڪنوئر واري جلد بندي. جز بندي نہ ڪيل ڪتاب.

unsex (اِنِ سيڪس) **vt** to divest of sex; to divest of the characteristics or of the qualities expected of one's own sex. جنس ختم ڪرڻ. بي جنس. ڪٽيل. خصي. کدڙو. سياهہ بدلائڻ.

unsexed (اِنِ سيڪسڊ) **adj** without the characteristics or qualities expected of one's sex. بي جنس. ڪٽيل. خصي. کدڙو. خصي ڪيل. پنهنجي جنس وارن جون خوبيون نہ رکندڙ.

unshackle (اِنِ شيڪل) **vt** to loose from shackles; to remove a shackle from. زنجير لاهڻ. پابندي ختم ڪرڻ. ازاد ڪرڻ. کولڻ. چوٽ ڇڏڻ. ڏنڊا ٻيڙيون کولڻ.

unshaded (اِنِ شيڊڊ) **adj** not shaded. اڻ. ڇانوَ ہر نہ آيل. ڍڪيل. پاڇي ہر نہ آيل. بنا ڇت جي. بنا ڇانوَ جي.

unshadow (اِنِ شيڊو) **vt** to clear of shadow; to reveal. پناهہ مان ڪڍڻ. پاڇي مان ڪڍڻ. ظاهر ڪرڻ. کولي ڏيکارڻ. راز ڏيڻ. ڳجهہ کولڻ.

unshadowable (اِنِ شيڊوئبل) **adj** impossible to shadow. جنهن تي ڇانو نہ ڪري سگهجي. جنهن کي لڪائي نہ سگهجي. پاڇي ہر نہ آڻڻ جهڙو. راز نہ رکڻ جهڙو.

unshadowed (اِنِ شيڊووڊ) **adj** not darkened. اونداهو نہ ڪيل. نہ ڍڪيل. نہ لڪايل. ظاهر. کليل. بنا پاڇي. روشن.

unshakeable (اِنِ شيڪبل) **adj** that cannot be shaken; firm, obstinate. جنهن کي لوڏي يہ نقصان نہ ڏئي سگهجي. مضبوط. پڪو. ٺاليڪو. ڪوڙيل. نہ چوڙڻ جهڙو. ضدي. پڪو. هوڏي. کهہ ڪندڙ. کومي ڪندڙ. ڦلاڻي.

unshaken (اِنِ شيڪن) **adj** not shaken. اڻ چوريل. مضبوط. پڪو. ڪوڙيل. نہ چرلدڙ. قائم . اپول. بن لوڏي. اڻ ڏڏ.

unshale (اِنِ شيل) **vt** to shale or shell, strip the husk from; to reveal. ظاهر ڪرڻ. مٿيون حصو ختم ڪرڻ. ڇلر لاهڻ. ڇلڪو لاهڻ. تهہ لاهڻ. کل کان آزاد ڪرڻ. ظاهر ڪرڻ. کولي ڏيکارڻ.

unshamed (اِنِ شيمڊ) **adj** not ashamed; not put to shame. شرمنده نہ ٿيل. بي شرم. نرلجو. لڪ جو پڪو. بي لڪو. شرمندو نہ ٿيندڙ.

unshape (اِنِ شيپ) **vt** to deprive of shape; to undo, destroy or confound. شڪل يہ صورت ختم ڪرڻ. ڊاهڻ. کولڻ. بي شڪل. بي صورت. بدصورت. منجهائڻ.

unshapely (اِن شيپلي) **adj** not shapely. بد شڪل. بد صورت. بي روپ. بي ڊولو. ڪڌولو. بي ڊول. اڻ کهڙيو.

unshared (اِنِ شيئرڊ) **adj** not shared. حصا نہ ٿيل. اڻ ورهايل. بنا حصن جي. ثابت. مڪمل.

unsharp (اِنِ شارپ) **adj** not sharp. ناهوشيار. سست. ڍلو. ڪڌولو. بي دول. ملو. غير تکو. جڏو.

unshaved or unshaven (اِنِ شيوڊ آر ان شيون) **adj** not shaved. ڏاڙهي نہ لاٿل. بنا سيرب جي. حجامت نہ ٿيل. سيرب نہ ٿيل.

unsheathe (ان شيٿ) **vt** to draw from the sheath; to uncover. غلاف مان ڪڍڻ. مياڻ مان ڪڍڻ. (ترار) ڇڪڻ. ڍڪ لاهڻ.

unsheathed (ان شيٿڊ) **adj** drawn from the sheath; not sheathed. مياڻ مان نڪتل. (ترار) ڇڪيل.

unshed (ان شيڊ) **adj** not shed; unparted. اڇلايل نہ جدا نہ ڪيل. الڳ نہ ڪيل. نہ ڇڏيل. نہ وهايل.

unshell (ان شيل) **vt** to shell, remove the shell from. مٿيون ڇلڪو يا ڇلر لاهڻ. هٽائڻ. تهہ. لاهڻ.

unsheltered (ان شيلٽرڊ) **adj** not sheltered. پناهہ ہر نہ آيل. بنا اجهي جي. غير محفوظ. غير پناهہ. بي گهر.

unshent (ان شينٽ) **adj** uninjured; not disgraced. نقصان يہ بي عزت ٿيڻ کان بچيل. غير زخمي. عزت وارو.

unshielded (ان شيلڊيڊ) adj not shielded or protected. حفاظ ۾ نہ آيل. بنا حفاظت جي، بنا پناهہ جي، بنا اجهي جي.

unship (ان شپ) vt vi to unload cargo from a ship or boat; to remove from a fixed or allotted place (such as oars from the rowlocks); (of a horse) to unseat the rider; to be capable of or undergo unshipping. جهاز مان سامان لاهڻ. مقرر جاءِ تان هٽائڻ. ٻيهاريل هنڌ کان ٿيڙڻ. (گهوڙي جو) سوار کي اڇلائڻ. ڪيرائڻ. سمنڊ يا بحري جهاز رستي نہ موڪلڻ جو. جهاز تان لاهي چڙهڻ جو. جهاز تان لاهي چڙهڻ جي قوت رکندڙ.

unshockable (ان شاڪبل) adj that cannot be shocked. جنهن کي صدمو يا تڪليف نہ ڏئي سگهجي.

unshod (ان شاڊ) adj shoeless; with shoe or shoes removed. بنا بوٽ جي، پيرن اگهاڙو، بوٽ لاٿل. پير اگهاڙا ڪيل. جتيءَ کانسواءِ، بنا نعل (گهوڙو).

unshoe (ان شو) vt to strip of a shoe or shoes. جتين کان محروم ڪرڻ. بوٽ ڦرڻ. بوٽ لاهي وٺڻ. جتي لهرائڻ.

unshorn (انشورن) adj not shorn. سهارو نہ ڏنل. اڻ ڪتيل. جُدا نہ ڪيل.

unshout (ان شاؤٽ) vt to revoke the shouting of by a contrary shout. رڙيون ۽ شور نہ ڪرڻ. رڙيون ڪري بدلائڻ. انڪار ڪرڻ. راڙو لائڻ.

unshowered (ان شاورڊ) adj not watered by showers. پاڻي سان وسڪارو نہ ٿيل. ڦوهارو نہ ڪيل.

unshrinkable (ان شرنڪبل) adj not shrinkable. جنهن کي سسائي يا دٻائي نہ سگهجي. اڻ سسندڙ. اڻ سوسيو. غير سوسائي.

unshrinking (ان شرڪنگ) adj not shrinking. نہ سسندڙ. غير سوس پذير. اڻ سوسيو يا سوسائي.

unshroud (ان شرائوڊ) vt to uncover. بي ڪفن ڪرڻ ڍڪ لاهڻ. کولڻ اگهاڙو ڪرڻ.

unshrubbed (ان شربڊ) adj without shrubs. وڻن ۽ ٻوٽن کان سواءِ. بنا ساوڪ جي. بنا گند گاهہ جي. ٻوٽن بنا. بنا وڻراهہ جي.

unshunned (ان شنڊ) adj inevitable. جنهن کي ٽاري نہ سگهجي. اوس ٿيڻ وارو.

unshut (ان شٽ) vt open. کليل. ظاهر ظهور. نظر ايندڙ. پٽيل.

unshutter (ان شٽر) vt to open or remove the shutters of. دَر کولڻ. درلاهڻ. طاق کولڻ يا ٽڪي ڪرڻ. ڪنڊيون لاهڻ.

unsifted (ان سفٽڊ) adj not sifted; not critically examined; inexperienced. تحقيق نہ ٿيل. جدا نہ ٿيل. ڇڪاس نہ ٿيل. غير تجربيڪار.

unsighted (ان سائٽڊ) adj not seen; (of a gun) having no sights; fired without use of sights; prevented from seeing, esp by an obstruction. نگاهہ ۾ نہ آيل. نظر نہ ايندڙ. بي نظر بي نور. بنا ڏسڻ جي هلائڻ. نظر نہ ايندڙ. (بندوق) بنا مک جي. ڪنهن رڪاوٽ سبب نظر نہ ايندڙ. بنا نظر اچڻ جي. اندازي سان گولي يا گولا ڇوڙڻ.

unsightly (ان سائٽلي) adj displeasing to the eye; ugly. بد صورت، بدزيبو، بد نما، بچڙو، بد شڪل.

unsigned (ان سائنڊ) adj not signed. صحي نہ ٿيل. دستخط نہ ٿيل. منظور نہ ٿيل.

unsinkable (ان سنڪبل) adj unable to be sunk. جيڪو ٻڏي نہ سگهي. اڻ ٻڏڻ جوڳو. نہ ٻڏڻ جهڙو.

unsinew (ان سينيو) vt to take the strength from. طاقت ۽ قوت ختم ڪرڻ. بي طاقت ڪرڻ. قوت وڃائڻ.

unsistered (ان سسٽرڊ) adj without a sister. بغير ڀيڻ جي، بنا ڀيڻ جي.

unsisting (ان سسٽنگ) adj variously explained as unassisting, unresisting; insisting; unresting. مدد نہ ڏيندڙ. غير مدد گاري. زور نہ ڀريندڙ. بي آرام، بي فرحت. فرحت نہ ڏيندڙ. زور بار نہ ڪندڙ. روڪيندڙ.

unsizable or **unsizeable** (ان سائزبل) adj extraordinary big; too little, immature. وڏاڻ. اجگر تمام وڏي قد بت وارو. معمولي. نابالغ.

unsized (ان سائزڊ) adj not fitted, adjusted or sorted in respect of size; not treated with size. پيمائي ۾ نہ آيل. بنا ماپ ناهيل. بي اسٽر. بي ڪلف. نا موافق. ڪلف نہ ٿيل.

unskilful (ان اسڪلفل) adj. not skilful. نادان. غير ماهر. اڻ ماهر. غير هُنري، اناڙي، بي هنرو، غير هنرمند، اڻ ڄاڻ.

unskilled (ان اسڪلڊ) adj. not skilled. غير تربيت يافتہ. غير هنري، بي هنر، اناڙي، ڪچو، اڻڄاڻ. اڻ سکيل. بي هنرو. اپروڻ. ڇٽ. ڇنڪو (پورهيو).

unskimmed (ان اسڪمڊ) adj not skimmed. (کير) ملائي نہ ڪڍيل. ملائي سوڌو. مڪمل کير. ٿر وارو کير.

unskinned (ان اسڪنڊ) adj skinned; not skinned. کل لٿل. کل نہ آيل. کل لاٿل. بنا کل جي. کل نہ لاٿل. کل سوڌو.

unslakable (ان سليڪبل) adj that cannot be slaked or quenched. چست ۽ تيز. نہ وسائڻ جهڙو. اڻ اجهائڻ.

unsleeping (ان سليپنگ) adj not or never sleeping. جنهن کي ننڊ ۽ آرام نہ اچي. ننڊ ڦٽل. ننڊ نہ ڪندڙ. بنا ننڊ جي.

unsliced (ان سلائيسڊ) adj not sliced. ٽڪرن ۾ نہ ڪٽيل. ڪترا ڪترا نہ ٿيل. ٻيرن وارن صورت ۾ نہ آندل. ڀيرا نہ ٿيل. ڦارون نہ ٿيل. ڦاڪون نہ ڪيل. ڦاڪن ۾ نہ ڪٽيل. ڪِترا ڪِترا نہ ٿيل.

unsling (ان سلنگ) vt to free from slings or from being slung. هٿ کي سڌو ڪرڻ. پٽيءَ مان ڪڍڻ. ٻانهن کي سڌو ڪرڻ.

unsluice (ان سلوس) vt to let flow; to open the sluice of. پاڻي ڇڏڻ. ومڪرو کولڻ. واٽر ڪورس جو منهن کولڻ. ڇڄي کولڻ.

unsmiling (ان سمائلنگ) adj not smiling. نہ کلندڙ. نہ مشڪندڙ. ڪاوڙيلو. بخيل. رڪو. بد مزاج. بد دماغ.

unsmoked (ان سموڪڊ) adj not cured by smoking; not

consumed by smoking.دونهـون نه ڏنل. دونهين سـان نه سُڪايل. دونهين جونه ڪپايل. اڻ دونهاڻيل.

unsmooth (ان سموٿ) adj to roughen; to wrinkle. کهرو ڪرڻ. ڪُرُ پڙ ڪرڻ. گهنج ڪرڻ. گهنجائڻ.

unsmote (ان سموٽ) adj unsmitten.سزا نه ڏنل. تڪليف نه ڏنل.

unsnap (ان سنيپ) vt undo, unfasten, or open with a snap. رد ڪرڻ. کولڻ. ڊاهڻ. چپي ڏيئي کولڻ. سٽ ڏيئي چالو ڪرڻ. چڪ ڏئي کولڻ.

unsnarl (ان سنارل) vt to disentangle..ناهڻ. چڏائڻ. کولڻ. جدا جدا ڪرڻ. (وڪڙ) کولڻ. (منهيل. سٽ) ڇڏائڻ.

unsoaped (ان سوپڊ) adj not soaped; unwashed.صابڻ سان نه ڌوتل. اڻ ڌوتل. غير صاف. گندو. ميرو.

unsociable (ان سوشبل) adj not wanting to associate with others.صحبت پسند نه ڪندڙ. مغرور. مٽي ڦريل. نه ملڻو. مجلس پر نه وهندڙ. رکو. غير سماجي.

unsocial (ان سوشل) adj not social; not regarding or contributing to the good of society; not sociable; (of hours of work) not falling within the normal working day.نه ملڻ جلڻ کان لهرائيندڙ. مجلس پر نه وهندڙ. نه ملڻو. رکو. مغرور. مٽي ڦريل. غير سماجي. غير معاشرتي. (دفتر جو وقت) غير مناسب. نامناسب. ڏکيو. تڪليف وارو. بد طمع.

unsocialist (ان سوشلسٽ) adj not socialist.سماجي هڪ جهڙائي نه چاهيندڙ. نئين وڏائيءَ جي اصول وارو. غير سام وادي.

unsocialized (-s-) (ان سوشلائيزڊ) adj not socialized, not aware of one's function in, or lacking attributes for living in, society..صحبت نه رکندڙ. اڻ رلڻو ملڻو. پنهنجن زميوارين کان اڻ واقف. سماج پر نه اٿڻ ويهڻ جهڙو. چٽ نه ڄاڻيندڙ. اڻ ڄاڻ. غير سماجڪ. اڻ ڪيڙيل. ڳنوار. ڳوناٺو.

unsocket (ان ساڪٽ) vt to take out of the socket.دبليءَ يا خالي سان ڪڍڻ. (بجليءَ جو) جوڙ سان الڳ ڪرڻ. تار ڪڍي ڇڏڻ.

unsod or unsodden (ان ساڊ آر ان ساڊن) adj unboiled; not soaked or saturated.اڻ اباريل نه. غير اباريل. اڻ اباريل. اڻ رڇيل. اڻ پسيل. خشڪ.

unsoft (ان سافٽ) adv not softly..نرم نه هجڻ. غير نرم. سخت. اڻ نرمائيءَ سان.

unsoiled (ان شوئلڊ) adj not soiled or dirtied.گند کان محفوظ. صاف سترو. پاڪ صاف. ميرو نه ٿيل.

unsold (ان سولڊ) adj not sold.وڪرو نه ٿيل. موجود. حاضر. وڪري لاءِ رکيل.

unsolder (ان سولڊر) vt to separate from being soldered; undo the soldering of.تاڻيڪو کولڻ. جوڙ کان جدا ڪرڻ. ڳنڍ کولڻ. تاڻڪو يا تاڪو کولڻ.

unsoldierly (ان سولجرلي) adj not soldierly.بهادري کان سواءِ. غير فوجي. غير جنگ جو. ٿڏي سپاهه وارو.

unsolemn (ان سالم) adj not solemn; informal..غير رسمي. بي تڪلف. غير معمولي. غير دستور. دستور جي خلاف يا ابتڙ. بناوت ۽ ٺٺ ٺاڳر کانسواءِ.

unsolicited (ان ساليسٽڊ) adj not asked for; given or done voluntarily..جيڪو پاڻ ملي وڃي. اڻ گهريو. ري مڱيو. پاڻ مرادو. مليل.

unsolvable (ان سلوبل) adj that cannot be solved; insoluble; impossible to solve.جنهن کي حل نه ڪري سگهجي. غير حل پذير. ڏکيو. مشڪل.

unsolved (ان سالوڊ) adj not solved. حل نه ٿيل. ڏکيو. مشڪل. غير حل پذير. اڻ سمجهايل. اڻ پڳل (جيئن ڳجهارت يا پرولي).

unsoote (ان سوٽ) adj unsweet.مٺو نه ڪرڻ. اڻ مٺو. غير مٺو. بي سواد. ڪوڙو. ڦڪو.

unsophisticate or unsophisticated (ان سفسٽڪيٽ) adj genuine, unadulterated; unfalsified; free from artificiality; ingenuous; inexperienced in evil.سادو سودو. خالص. لچ. ڀالو ڀولو. شڌ مٽي. سريلو. معصوم. حرام پائي نه چاليندڙ. برائيءَ کان ناواقف. غير تجربيڪار. گناهن کان پري. گناهه ثواب جي خبر نه رکندڙ. گناهن پر نه ورتل. ملاوٽ کان پاڪ. بناوت کان والجهيل. غير مصنوعي. اصلي.

unsorted (ان سارٽڊ) adj not sorted or arranged; ill-chosen; unfitting, unsuitable..ترتيب نه ڏنل. غير موزون. غير ترتيب. غير مناسب. هيٺ مٿي. بي ڍنگي بيهڪ.

unsought (ان سات) adj not sought or solicited.جنهن جي طلب نه ڪئي هجي. اڻ گهريل. پاڻ مرادو. مليل. بگ چيل. نه مڱيل.

unsoul (ان سائول) adj to deprive of soul or spirit..روح. نفس. ضمير کان محروم ڪرڻ. غير روحاني ڪرڻ.

unsouled (ان سائولڊ) adj deprived of or not endowed with soul. بي روح. بي ضمير. بي نفس.

unsound (ان سائونڊ) adj unhealthy; injured or damaged; not firm or solid; ill-founded; unreliable. خراب. بيمار. اڻ سالم. عيب دار. مريض. دغاباز. چريو. پاڳل. زخمي. غير اعتبار. غير صحيح. بي اعتبارو. بي بنياد. بنا پختگيءَ جي. پڳل لتل. عقل ۾ فتور.

unsoundable (ان سائونڊبل) adj unfathomable.آواز نه ڏيندڙ. اوڙاهه. عميق. تمام اونهو.

unsounded (ان سائونڊيڊ) adj not sounded, pronounced or made to sound; unfathomed, unplumbed.آواز ۽ تلفظ نه ڏنل. غير اچاريل. اڻ اچاريل. اوڙاهه. عميق. پاڻيءَ جي اچڻ ۽ اخراج جو بندوبست نه ڪيل.

unsourced (ان سورسڊ) adj having no source, or no established or authenticated source کان بنياد ۽ ذريعي سواءِ، بنا بڻ بنياد جي، غير اصلي ذريعن کان، نامعلوم ذريعن کان، بي پاڙو، بي بنياد، بي ٿڙو، بي وسيلي، بي ذريعي.

unsoured (ان سورڊ) adj not soured. کٽو نه هجي، کٽو جيڪو نه ڪيل، اڻ سنڌيل.

unsown (ان سون) adj not sown. غير (ٻج نه پوکيل، اڻ پوکيل، غير آباد.

unspar (ان اسپار) vt to withdraw a spar from. پٽي ڪڍڻ، تختو هٽائڻ، شهتير يا ڪام ڪڍي ڇڏڻ، ٽوٽي يا ٽيڪ هٽائڻ، جهل هٽائڻ، ڪيرائڻ، ٽڪائڻ.

unspared (ان اسپيئرڊ) adj not spared; unstinted. بيچيل نه، نه ڇڏيل، اڻ بچيل، بي حد، بي انت، بي حساب، لامحدود، اڻ روڪيل جيئن پوئن جي اوسر، بنا جهل پل جي.

unsparing (ان اسپيئرنگ) adj not sparing, liberal, profuse; unmerciful. نه مڙندڙ، نه بخشيندڙ، بي رحم، بي درد، ڏاتار، سخي، ڪشادهه دل، آزاد مزاج، هٿ ڇوٽ، اڏنو، ڪوشش ۾ نه گهٽائيندڙ، لرندي، ڪشاد دست، صرفو نه ڪندڙ، بي ترس، ڪنهن کي نه ڇڏيندڙ، فضول خرچ، آزاد خيال.

unspeak (ان اسپيڪ) vt to retract. چيل ڳالهائڻ کان باز رهڻ، ڳالهه تان ڦري وڃڻ، چيل لفظ واپس وٺڻ.

unspeakable (ان اسپيڪبل) adj unutterable; inexpressible, esp indescribably bad. چوڻ بيان کان ٻاهر، سخت برو، کان ٻاهر، نا گفتني، اڻ چئڻو، جنهن جي ڳالهه نه ڪجي، اکهه، اکٿ.

unspeaking (ان اسپيڪنگ) adj not speaking, silent. خاموش، نه ڳالهائيندڙ، بيان نه ڪندڙ، نه ٻڌائيندڙ، نه ڏسيندڙ، مانيڻو، گهٽ ڳالهائو.

unspecialized (ان اسپيشلائيزڊ) adj not specialized. غير ماهر، غير ڄاڻو، ڪنهن فن يا هنر کان وانجهيل.

unspecific (ان اسپيسفڪ) adj not specific, general; inexact. غير مقرر، خاص نه هجي، عام، غير مخصوص، وهنواري، اڻ پورو، اڻ برابر، نادرست.

unspecified (ان اسپيسيفائڊ) adj not specified. يا تشريح خاص حوالو نه ڏنل، اڻ ٻڌايل، اڻ ڏسيل، مخصوص نه ڪيل، مقرر نه ڪيل، اڻ ڄاڻايل.

unspectacular (ان اسپيڪٽيڪيولر) adj not spectacular, dull. ناقابل تماشہ، بنا تماشي واريءَ خوبيءَ جي، موڳو، جهڪو، سست، بنا چمڪ دمڪ جي، غير دلچسپ.

unsped (ان اسپيڊ) adj without achievement or success; unaccomplished. اڻ ترقي ۽ ڪاميابي کان محروم، کيڊو، اڻ پورو، اڌورو، نامڪمل، بنا ڪاميابيءَ جي.

unspell (ان اسپيل) vt to free from a spell. اثر مان ٻاهر ڪڍڻ، منڊ لاهڻ، جادوءَ جو اثر ختم ڪرڻ، اوتارڻ.

unspent (ان اسپينٽ) adj not spent; not expended or used; not exhausted or used up. خرچ نه ٿيل، استعمال نه ٿيل، ختم نه ٿيل، موجود، حاضر.

unsphere (ان اسفيئر) vt to draw or remove from its sphere. گولي ۽ مدار کان ٻاهر آڻڻ، اثر کان ٻاهر ڪڍڻ، پڙ يا پڙيءَ مان ڪڍڻ.

unspied (ان اسپائڊ) adj unobserved. خيال مشاهدي ۾ نه آيل، پس پردي، لڪل، ڳجهو، اڻ ظاهر، اڻ معلوم، اڻ ڏٺل، اڻ ڏٺو.

unspilled or unsplit (ان اسپلڊ آر ان اسپلٽ) adj not split. جيڪو ٽوڙيل نه هجي، اڻ ٽوڙيل، ثابت، مڪمل.

unspiritual (ان اسپرچوئل) adj not spiritual; earthly, worldly. غير مذهبي، لاديني، دنياوي، جسماني، دنيا لاڳو.

unspiritualize (-s-) (ان اسپرچوئلائز) adj to deprive of spirituality. روحانيت کان محروم ڪرڻ، دنياوي بنائڻ.

unspoiled (ان اسپائلڊ) vt not spoiled; unspoilt; not plundered. اڻ تباهه ۽ برباد نه ٿيل، خراب نه ٿيل، اڻ بگاڙيل، اڻ ڦريل، هٿ نه لاتل، با امانت، با سلامت.

unspoilt (ان اسپائلٽ) adj not spoilt. خراب نه ٿيل، اڻ بگاڙيل، با امانت، با سلامت.

unspoken (ان اسپوڪن) adj not spoken; not expressed in speech; not uttered as speech. اڻ چيو، اڻ ڳليو، اڻ آکيو، اڻ ٻڌايو، ذڪر نه ڪيل.

unsponsored (ان اسپانسرڊ) adj not supported or promoted by the sponsor. غير امدادي، مدد ۽ ڪفالت نه ورتل، اڳتي نه وڌايل، پشت پناهي نه ڪيل، پنيرائي نه ڪيل، سرپرستي نه ڪيل.

unspool (ان اپول) vt, vi. unwind from or as if from a spool; screen a film; of a film be screened. فلم ٻاهر ڪڍڻ، ننڍڪيءَ يا ريل تان لاهڻ، مشين تي چاڙهڻ، فلم تيار ڪري هلائڻ، فلم نمائش لاءِ پيش ڪرڻ.

unsporting (انِ اسپورٽنگ) adj not sportsmanlike; not fair or generous. ڪندڙ، غير معقول، تنگ دليءَ جو مظاهرو، زيادتي ڪندڙ، سختيءَ کان ڪم وٺندڙ، بخيل، ورچيل.

unsportsmanlike (ان اسپورٽس مئن لائڪ) adj unsporting; unbecoming. اڻ تنگ دليءَ وارو، نامناسب، غير مناسب، سهائيندو، ناشائستو، بخيليءَ وارو.

unspotted (ان اسپاٽڊ) adj not marked with spot or spots; morally pure; unnoticed. بي عيب، بي نقص، بي داغ، ڌيان نه ڏنل، نه ڏٺل، اڻ ڏٺل، اشراف.

unsprayed (انِ اسپريڊ) adj not sprayed, esp (of crops) with a pesticide. نه دوا جو نه چڙڪايل، (فصل تي) دوائون نه چڙڪيل، (دوائن جو) ڦوهارو نه ڪيل.

unsprung (انِ اسپرنگ) adj not sprung; without springs. ٻاهر نڪري نه آيل، اسپرنگن کانسواءِ، هيٺ مٿي نه ٿيندڙ.

unstable (ان اسٽيبل) **adj** not stable; changeable; showing a tendency to sudden mental or emotional changes..ناپائيدار، غير مستحڪم، متغ جهڙو، دماغي خلل وارو. هڪ ڳالهه تي نه بيهندڙ، اڻ پائيدار، بي بقا، غير مضبوط، بي قرار، چنچل، هلڪڙو، گهڻ متيو،بہ دليو، بہ چتيو.

unstable equilibrium (ان اسٽيبل، ايڪئيليبريم) **n** a state in which a body when disturbed tends to move farther from equilibrium.مادي جي اها حالت جو ٿوري گهٽي لوڏي تي هو پنهنجي مدار مان نڪريو وڃي، اڻ پائيدار توازن.

unstack (ان اسٽيڪ) **vt** to remove from a stack.سٽ مان ڪڍڻ، سٿيء مان ڪڍڻ، ڍير مان ڪڻ.

unstained (انِ اسٽيند) **adj** not stained..پاڪ، داغ کان بچيل، صاف، بي داغي، چٽي نشان وغيره کان بچيل، صفا، ستڙو.

unstamped (ان اسٽيمپڊ) **adj** not marked by stamping; not having a stamp affixed.ٺپو نہ لڳل، بنا نشان جي، بنا مهر جي، بنا ٽڪليء جي.

unstanched or unstaunched (ان اسٽنچڊ) **adj** not stanched; unsated; leaky, hence incontinent. بند نہ ٿيل، لمندڙ، اڻ ڍايل، بي ڍايل، اڃايل، مطمئن نہ ٿيل.

unstarch (انِ اسٽارچ) **vt** to free from starch..ڪلفَ لاهڻ، ڪلف کان صاف ڪرڻ.

unstarched (ان اسٽارچڊ) **adj** not starched.ڪلف نہ ڏنل، بنا ڪلف جي.

unstate (انِ اسٽيٽ) **vt** to deprive of state or dignityعزت ۽ حيثت کان محروم ڪرڻ، حڪومت يا عهدي کان هٽائڻ.

unstated (ان اسٽيٽڊ) **adj** not stated or declared.ظاهر نہ ٿيل، نہ ٻڌايل، راز، مخفي، اڻ اعلانيل.

unstatesmanlike (ان اسٽيٽس مئن لائيڪ) **adj** not statesman like.مان مرتبي وڏان نہ، اڻ لائق، تنگدليء وارو، بد تهذيبيء وارو، غير مدبرانہ، ڏاهپ کان وانجهيل، ڪويجائي.

unstatutable (ان اسٽي ٽيوبل) **adj** contrary to statute. قانون ضابطن جي ابتڙ، قانون جي خلاف.

unstayed (انِ اسٽيڊ) **adj.** not stayed or restrained; unsupported; unstable; without stays.گرپر نہ ڪيل، مدد کان سواءِ، اڻ روڪ، بي جهل، نا پائدار، بنا جهلڻ جي، بنا ٽوڪيء جي، بنا ٽيڪي جي، جهل پل کانسواءِ، بنا روڪ ٽوڪ جي.

unstaying (انِ اسٽيئنگ) **adj** without stop..نہ رڪندڙ، لاڳيتو، مسلسل، بنا بيهڪ جي.

unsteadfast (انِ اسٽيڊ فاسٽ) **adj** not steadfast.ناپختہ، غير مستقل مزاج، بي اعتبارو، غير اعتباري.

unsteady (انِ اسٽيڊي) **adj, vt** to make unsteady; not steady or firm; changeable, fluctuating; not uniform or regular..غير مستحڪم، اڻ پختو، ڦرلو، بي بقا، چنچل، ڏڳڏو، لنگولنگو، لچڪشو، چترنگ، الٽ، ڦرلو گهرلو، ڊانواڊول، ناپائدار، ٿڙندڙ، بي ثاڌي، غير مستقل.

unsteel (ان اسٽيل) **vt** to soften, to disarm.نرم ڪرڻ، سختي دور ڪرڻ، هٿيار لهرائڻ، هٿيار ڦرڻ، هٿيارن کان وانجهڻ.

unstep (آن اسٽيپ) **vt** to remove (esp a mast) from its place. مستول کي پنهنجي جڳهہ تان هٽائڻ، کوهو پٽڻ.

unstercorated (ان اسٽرڪو ريٽيڊ) **adj** not manuredپاڻ نہ ڏنل، (زمين کي) قوت نہ مهيا ڪيل.

unsterile (انِ اسٽرائل) **adj** (of a syringe) not sterile; unproductive..(سرنج) اڻ صاف، استعمال ٿيل، بيڪار، غير زرخيز، اڻ لاپائتي، غير فائديمند.

unstick (انِ اسٽڪ) **vt, vi** to free from sticking; to come off from the surface; detached, loosened from sticking..چنبڙيل شيء کي ڇڏائڻ، مٿاڇري تان لهي اچڻ، جدا ٿي وڃڻ، چنبڙ ختم ٿي وڃڻ.

unstinted (ان اسٽنڊ) **adj** not stinted.ختم نہ ٿيل، گهڻو، بي حد بي الت، بي حساب، بلڪل گهڻو، بنا روڪ ٽوڪ جي، واڌيل، آسريل.

unstinting (انِ اسٽنٽنگ) **adj** ungrudging, lavish.بنا ڪرڪڻ جي، غير کهپيرو، اڻ ڪيائتو، کهٽائي پر ڪثير، بنا صرفي.

unstirred (انِ اسٽرڊ) **adj** not stirred. آڻ لوڏيل، اڻ ملايل.

unstitch (انِ اسٽچ) **vt** undo the stitches of.ٽانڪا کولڻ، بخيا کولڻ، سلائي کولڻ، سلائي اڌيڙڻ.

unstock (انِ سٽاڪ) **vt** to deplete of stock; to remove the stock from; to launch.ذخيرو ختم ڪرڻ، ذخيرو ڪٽي ڇڏڻ، (وکشڻ لاءِ) ميدان تي آڻڻ.

unstocked (ان اسٽاڪڊ) **adj** not stocked; without stock; not wearing a stock.ذخيرو نہ ٿيل، بنا زخيرن جي،بنا مال جي، بنا ڪنڌاڪ جي (هٿيار)، بنا جوراب يا دستاني جي، موزا نہ پاتل.

unstockinged (ان اسٽاڪنگڊ) **adj** not wearing a stocking or stockings. بنا جورابن، جي جورابا نہ پاتل.

unstop (انِ اسٽاپ) **vt** to free from being stopped; to draw out the stop or stopper of. جاري، مسلسل، متواز، لاڳيتو يا مسلسل هلائڻ، رڪاوٽون هٽائڻ، ڍڪ کولي ڇڏڻ، وهڪرو چالو رکڻ، ڍڪو يا بوچ ڪڍڻ، بنو ڀاهڻ.

unstoppable (انِ اٽابيل) **adj** not able to be stopped. جنهن کي روڪي نہ سگهجي، اڻ روڪ، اڻ ٽوڪ، اڻ جهل، اجهل، اڻ موٽ.

unstopped (انِ اسٽاپڊ) **adj** not stopped; (of a consonant) open; without a pause at the end of the line.اڻ روڪ، نہ روڪيل، نہ جهليل، نہ بنديل، هلندڙ، چالو، وهندڙ، اکر بنا اچار جي، بنا واڪ جي نشان جي، بنا دم جي نشان جي.

unstopper (ان سٽاپر) **vt** to take the stopper from.بوچ کولڻ، ڍڪ کولڻ، ڍڪو ڪڍڻ.

unstow (انِ اسٽو) **vt** to empty of contents; to take out of stowage.خالي ڪرڻ، رکيل، جاء يا خالي مان ڪڍڻ، گودام

مان ڪڍڻ.

unstrained (انِ اسٽرنڊ) **adj** not strained or purified by straining; not subjected to strain; not forced, natural. حقيقي، قدرتي، اصلي، اڻ صاف ڪيل، اڻ ڇاڻيل، زيرٻار نہ ڪيل.

unstrap (انِ اسٽرئپ) **vt** to undo the straps of. کهپي کولڻ، ڪشا کولڻ، پٽو کولڻ.

unstreamed (انِ اسٽريمڊ) **adj** (of school children) not divided into classes according to ability. (شاگرد) قابليت مطابق ڪلاسن ۾ نہ ورهايل.

unstressed (انِ اسٽريسڊ) **adj** not subject to stress; not stressed or emphasized. زور نہ ڏنل، بنا شد جي، بنا ڪنهن خاص (واڪ جي) نشان جي.

unstring (انِ اسٽرنگ) **vt, vi** to take the strings from; to loose the strings of; to take from a string; to put out of tone; to disorganize; to loose the strings of one's purse. رسو کولڻ، ڌاڳو ڪڍڻ، ڪتنيون چڻ، همت گهٽائڻ، اڳٽ يا هڙ کولڻ، ڳنڍ کولڻ، ڍرو ڪرڻ، پلو ڪرڻ، ترتيب متائڻ، بي سرو ڪرڻ، سر خراب ڪرڻ، ٿيلهيءَ جون ڏوريون ڍريون ڪرڻ.

unstringed (انِ اسٽرنجڊ) **adj** not stringed, not provided with strings. بنا ڪنهن تار يا ڌاڳي جي، بنا ڪشي جي، بنا ڏوري جي.

unstrip (انِ اسٽرپ) **vt** to strip. اگهاڙو ڪرڻ، ڪپڙا لاهڻ، پوشاڪ لاهڻ.

unstripped (انِ اسٽرپڊ) **adj** not stripped. پهريل، پوشاڪي، اگهاڙو نہ ٿيل، ننگو نہ ٿيل، ڇنڊو يا ليڪون نہ ڪڍيل.

unstructured (انِ اسٽرڪچرڊ) **adj** not structured; informal. ڊانچو، بنات کانسواءِ، معمولي، غير دستوري.

unstrung (انِ اسٽرنگ) **adj** with strings removed or slackened; not strung; relaxed; disorganized; unnerved. ڪشا يا کهيون کوليل، سنج ڍرا ڪيل، پٽا کوليل، فرحتي، بي ترتيب، پريشان، ڏڪل، حيران، لڙيل، وکريل، ڦهليل، اڻ سهڙيل، گهبرايل، وايون بتال ٿيل.

unstudied (انِ اسٽڊيڊ) **adj** not studied; not having studied; without premeditation; unlaboured; spontaneous; natural, easy. مطالعو نہ ٿيل، سوچ ۽ فڪر نہ ٿيل، نہ پڙهيل، نہ ڇڪاسيل، بنا تياريءَ جي، بنا سوچ ويچار جي، بنا محنت جي، اٽي جو اٽي، قدرتي طور سولو، آسان.

unstuffed (انِ اسٽفڊ) **adj** not stuffed. ڪوڪلو، (سامان) سان نہ ڀريل، خالي، اندر نہ ڀريل.

unstuffy (انِ اسٽفي) **adj** not stodgy or strait-laced; informal, casual; not stuffy. ڪليل، معمولي، عارضي، اتفاقي، چولڪو، اڻ ڀريل، خالي، بي ٻولو، اڊنگو.

unstylish (انِ اسٽائلش) **adj** lacking style; unfashionable. فيشن کانسواءِ، غير فيشني، نموني ۽ انداز کان سواءِ.

مان لڪتل.

unsubdued (انِ سبڊيوڊ) **adj** not subdued. قابوءَ ۾ نہ آيل، اڻ ڪيڙيل، نہ سيڪاريل، آڻ نہ مڃايل، سرڪش، زير نہ ڪيل.

unsubjugated (انِ سبجوگيٽڊ) **adj** not subjugated. محڪوم نہ ڪيل، قبضي نہ ڪيل، اڻ ڪيڙيل، اڻ لوڙيل، آزاد، زير نہ ڪيل، اڻ مڃايل، سرڪش.

unsubstantial (انِ سبسٽينشل) **adj** not substantial, real, corporeal, solid or strong. مجرد، بي مادي، اهميت نہ رکندڙ، بي وجود ، پاڇي جو، خيالي، هوائي، پورو، نظر نہ ايندڙ، غير مادي.

unsubstantiated (انِ سبسٽنشي ايٽيڊ) **adj** not substantiated. بنا ثبوت، بنا دليل، بنا ثبوت جي، بنا شاهدين جي، ثابت نہ ٿيل.

unsubtle (انِ سٽل) **adj** not subtle; obvious, clumsy. بي سخت، نرمي نہ رکندڙ، ظاهر، پڌرو، کليل، عيان، آشڪار، ٻولو، اڊنگو، بي ڍنگو، اناڙي جٽ.

unsucceeded (انِ سڪسيڊيڊ) **adj** without a successor. جا نشين کانسواءِ، وارث کانسواءِ لاوارث، لا حاصل.

unsuccess (انِ سڪسيس) **n** lack of success; failure. ناڪامي، ڪاميابيءَ کانسواءِ، ناڪاميابي، نا فتحيابي.

unsuccessful (انِ سڪسيسفل) **adj** not successful. غير فتحياب، نامراد، ناڪامياب، ناڪام، بدنصيب، بي مرادو، آڻ اگهيو.

unsuccessive (انِ سڪسيو) **adj** not successive; not in or passing by succession. غير مسلسل، اڻ لاڳيو، وٿيرڪو، غير وراثتي، ورثي ۾ نہ ايندڙ.

unsufferable (انِ سفريبل) **adj** insufferable. جيڪو برداشت نہ ڪري سگهي، اسهه، نہ سهڻ جهڙو، اڻ سهو.

unsufficient (انِ سفيشنٽ) **adj** insufficient. اڻ پورو، ناڪافي، غير ڪافي، معمولي.

unsugared (انِ شگرڊ) **adj** not sugared; without sugar; containing no sugar. اڻ مٺو، مٺاڻ کان سواءِ، کنڊ کانسواءِ، ڦڪو، بي سوادي، مٺو نہ ڪيل.

unsuggestive (انِ سجيسٽو) **adj** not suggestive. اشارو نہ ڏيندڙ، نشاني نہ سليندڙ، راز وارو، مخفي.

unsuitable (انِ سوٽبل) **adj** not suitable. غير موزون، غير مناسب، ناموافق، بي جوڙ، اڻ ٺهندو، اڻ جڙندڙ، اڻ سونهائيندو، اجوڳ.

unsuited (انِ سوٽڊ) **adj** not suited or adapted; not fit for a purpose. موزون نہ ٿيل، غير مناسب ، ڪم جو نہ، مقصد تي پورو نہ ايندڙ، ضرورت مطابق نہ.

unsullied (انِ سليڊ) **adj** not sullied. بي داغ، صاف، نرليپ، پاڪ.

unsummed (انِ سمڊ) **adj** uncounted. (حساب) جمع نہ ٿيل، اڻ ڳڻيل، حساب نہ ڪيل.

unsummered (انِ سمرڊ) **adj** not possessing the characteristics of summer. غير گرمي جي خصوصيت نہ رکندڙ.

آرهڙي، گرميءَ جي موسم لاءِ نامناسب.

unsummoned (انِ سمنڊ) adj not summoned. طلب نه ٿيل. نه گهرايل، نه سڏيل. پاڻ مرادو آيل. بنا ڪوٺ. ري ڪوٺيو. بي دعوتيو.

unsung (انِ سنگ) adj not sung; not celebrated in song; not honoured, not given due recognition. ڳايل نه. اڻ ڳايل. نه ملهايل. عزت يا مان نه ڏنل. صحيح عزت افزائي نه ٿيل. حقي مان مرتبو نه مليل. داد نه ڏنل. گمنام.

unsunned (انِ سنڊ) adj not exposed to the sun; not lighted, warmed or affected by the sun; not exposed to view. سج ۽ روشني کانسواءِ. سج يا اس ۾ کولي نه رکيل. اونداهو. سج جي گرمي نه پهتل. اُس ۾ خشڪ نه ڪيل. اُس ۾ نه سُڪايل.

unsupervised (انِ سپروائيزڊ) adj not supervised. نگراني نه ٿيل. نه سنڀاليل. بنا سنڀال جي. بنا نظرداريءَ جي.

unsupportable (انِ سپورٽبل) adj insupportable; indefensible; that cannot be endured. جنهن جي مدد نه ڪري سگهجي. حفاظت نه ڪرڻ جهڙو. نه سنڀالڻ جهڙو. مدد نه ڪرڻ جهڙو. نازڪ. جوکائتو.

unsupported (انِ سپورٽڊ) adj not supported. ٽيڪ نه ڏنل. سنڀال نه ڪيل. مدد نه ڪيل. بي بنياد. تائيد کانسواءِ. جيڪا ڪنهن سهاري تي قائم نه هُجي.

unsupportive (انِ سپورٽو) adj not giving support. مدد نه ڏيندڙ. ڪم جو نه. غير مددي. غير حمايتي. پٺڀرائي نه ڪندڙ. تائيد نه ڪندڙ. ٽيڪو نه ڏيندڙ.

unsure (انِ شوئر) adj insecure; precarious; uncertain; doubtful; not assured; untrustworthy. غير يقيني. اڻ سوگهو. بي هٿيڪو. جوکائتو. ڪچو. بي زور. شڪي. غير اعتباري. بي پتيو. اڻ وسهو. نامعتبر. غير محفوظ. پُر خطر.

unsured (انِ شوئرڊ) adj not made sure. يقين نه ڏياريل. پڪو نه ڪيل. غير هٿيڪو.

unsurfaced (انِ سرفيسڊ) adj (of a road) not provided with a riding surface. رستو جنهن تي باهرين سطح نه ڏنل. متان سنو تهه پيل نه هجي. ڪچو. ڪڙيڙيو رستو.

unsurmountable (انِ سرمائونٽبل) adj insurmountable. جنهن کي زير نه ڪري سگهجي. لاحل. جنهن کي سر نه ڪري سگهجي. جنهنکي پڄي نه سگهجي.

unsurpassable (انِ سرپاسبل) adj that cannot be surpassed. ناقابل فتح. لاجواب. بي نظير. لاثاني. بي مثل.

unsurpassed (انِ سرپاسڊ) adj not surpassed. فتح نه ٿيل. بي نظير. بي مثل. لاجواب. لاثاني. اڻ مَٽ.

unsurprised (انِ سرپرائزڊ) adj not surprised. تعجب ۾ نه ورتل. تعجب نه ڪائيندڙ. اچرج نه ولندڙ. چالو.

unsurprising (انِ سَرِ پرائزنگ) adj not surprising. غير تعجب خيز. غير حيرت انگيز.

unsuspect (انِ سَسپيڪٽ) adj not subject to suspicion. غير مشڪوڪ. غير شڪي. شڪ کان ٻاهر.

unsuspected (انِ سَسپيڪٽڊ) adj not suspected; not known or supposed to exist. نظر نه مشڪوڪ. اڻ موجود. ايندڙ.

unsuspecting (انِ سَسپيڪٽنگ) adj not suspecting; innocent. معصوم. بي گناهه. ابوجهه. بي زبان. شڪ نه ڪائيندڙ.

unsuspicion (انِ سَسپيشن) n absence of suspicion. شڪ کانسواءِ. بنا شڪ شبهي جي.

unsuspicious (انِ سيسپيشس) adj not feeling or arousing suspicion. شڪ نه ڪندڙ. شڪ نه ڏياريندڙ. غير شڪي. بي گناهه.

unsustainable (انِ سَسٽينبل) adj not sustainable. غير پائدار. جنهن کي سهارو، ڏٺي نه سگهجي. نه سنڀالڻ جهڙو. ڳرو. ڀاري. مهانگو. مشڪل. پالڻ کان مشڪل.

unsustained (انِ سَسٽنڊ) adj not sustained. بغير سهاري جي. سهارو نه ڏنل. نه پاليل.

unswaddle (انِ سَوِڊل) vt to unswathe. پٽيون کولڻ. پٽيون کان آجو ڪرڻ. تنجڻ کولڻ. ٻاروتو لاهڻ.

unswathe (انِ سَيٿ) vt to take swathings or bandages from. پٽيون لاهڻ. پٽيون کولڻ. واڪو ڪرڻ.

unswayed (انِ سَويڊ) adj not wielded; not controlled; uninfluenced; not persuaded. اثر کان ٻاهر. ڪم نه اَٿڻ جهڙو. زور آور. چيو نه ڪندڙ. بي چيو. هوڙهه. ضدي. هوڏي.

unswear (انِ سوَير) vt, vi to retract the swearing of; to recall an oath. حلف ختم ڪرڻ. قسم ڪٽي ڦرڻ. قسم کان ڦري وڃڻ. منحرف ٿيڻ.

unsweetened (انِ سوِيٽنڊ) adj not sweetened. مٺاڻ کانسواءِ. مٺاڻ کان خالي. ڦڪو. اڻ مٺو. مٺو نه ڪيل.

unswept (انِ سويپٽ) adj not swept. صفائي نه ٿيل. ٻهاري نه ڏنل.

unswerving (انِ سوروِنگ) adj not swerving or deviating; steadfast. ثابت قدم. پڪو محڪم. مچلو.

unsworn (انِ سورن) adj not confirmed, or not bound by oath. قسم نه کنيل. پڪو نه ڪيل. في الوقت جو. آڻ قسمي. غير حلفي. عارضي.

unsyllabled (انِ سِلبلڊ) adj not syllabled, not articulated. بغير اچار جي. بغير هجي جي. ڳالهائڻ جهڙو نه. چوڻ ۾ مشڪل. نه اچارڻ جهڙو.

unsymmetrical (انِ سمٽريڪل) adj not symmetrical. غير موزون. بي ڍولائپ. بي شڪلائي. غير مشابهه.

unsymmetry (انِ سمٽري) n asymmetry. بغير صحيح تناسب جي. بي ڍول. بي شڪليو.

unsympathetic (انِ سمپيٿيٽڪ) adj not sympathetic. غير همدرد. اڻ دردولد. اڻ غمخوار. همدردي نه ڪندڙ. غم نه

وڻديندڙ.

unsystematic (اَنِ سِسٽميٽڪ) adj not systematic.بي قاعده، بي ترتيب، ترتيب کانسواءِ، غير سرشتي وارو.

untack (اَنِ ٽئڪ) vt to detach from tacking; to unharness.جدا ڪرڻ، سنج لاهڻ، سنجن کان آجو ڪرڻ، پٽا کولي آزاد ڪرڻ.

untackle (اَنِ ٽيڪل) vt to strip of tackle; to free from tackle; to unharness.سنج لاهڻ، سنجن کان آجو ڪرڻ، آئر کولڻ، ضروري سامان لاهي ڇڏڻ.

untainted (اَنِ ٽينٽڊ) adj not tainted; unblemished; not attainted.صاف، بغير داغ، بي داغ، پاڪ صاف، بنا ڪنهن الزام جي، پوتر، پليت نہ ڪيل.

untalented (اَنِ ٽئلينٽڊ) adj not talented.قابليت کان خالي، ناقابل، سادو سودو، ابوجهہ، بنا خوبيءَ جي، بنا قابليت جي.

untameable or untamable (اَنِ ٽيمبل) adj that cannot be tamed.جنهن کي سڌاري نہ سگهجي، نہ ڪيرڻ جهڙو، نہ سيکارڻ جهڙو، مشڪل، ڏکيو (گهوڙو يا جانور).

untameably or untamably (اَنِ ٽيمبلي) adv not tame; to make untame, undo the taming of.اڻ ڪيرڙيل، اڻ سڌاريل، ڪيڙ ختم ڪرڻ، هير ختم ڪرڻ، اڻ هيرل بنائڻ، ٻٺي ڪر ۾ لائڻ، جهنگ حوالي ڪرڻ.

untamed (اَنِ ٽيمڊ) adj not tamed; wild.وحشي نہ سڌاريل، اڻ ڪيڙيل ، اڻ سڌاريل، جهنگلي.

untangle (اَنِ ٽينگل) vt to disentangle.الجهن کان ختم ڪرڻ، (منجهيل سٽ) ڇڏائڻ، سلجهائڻ، کولڻ، سڌو ڪرڻ، ور ڪڍڻ.

untaught (اَنِ ٽاٽ) adj uninstructed; not taught or communicated by teaching; spontaneous, native or inborn.اڻ سيکاريل، اڻ پڙهايل، اسڪول ۾ نہ ويل، اتي جو اتي نهر پهہ ، جهڙو جائو تهڙو ڊريو، جائي جم جي خوبين وارو، ذاتي طور مليل (خوبيون، عادتون وغيره)

untax (اَنِ ٽيڪس) vt to remit tax.محصول ختم ڪرڻ، بي رائڪ، محصول موٽائي ڏيڻ.

untaxed (اَنِ ٽيڪسڊ) adj not taxed; not charged with any fault.(محصول کان بچيل) بي رائڪو، ڪنهن بہ ڳالهہ جو ڏوهہ نہ مڙهيل، بنا ڪنهن تڪليف جي، بنا ڪنهن غلطيءَ جي.

unteach (اَنِ ٽيچ) vt to undo the teaching of.پڙهيل يا سکيل ڪم کي وسارڻ، محنت برباد ڪرڻ، تربيت ضايع ڪرڻ.

unteachable (اَنِ ٽيچبل) adj not capable of being instructed; that cannot be imparted by teaching.نہ سيکارڻ جهڙو، نہ پڙهائڻ جهڙو، جيڪو پڙهائي يا سيکاري نہ سگهجي، (علم، مهارت وغيره) جيڪا لفظي طور نہ ڏئي سگهجي، عملي طور تربيت نہ ڏيڻ جهڙو.

unteam (اَنِ ٽيم) vt to unyoke.بند کولڻ، ٽير کولڻ، آزاد، آزاد ڪرڻ، ڳٽ کولڻ، پاڃاري لاهڻ، ڪنواٽي ڪڍڻ يا لاهڻ.

untearable (اَنِ ٽيئريل) adj that cannot be torn.جنهن کي ڦاڙي نہ سگهجي، اڻ ڦاڻندڙ، پڪو، مضبوط.

untechnical (اَنِ ٽيڪنيڪل) adj not technical.غير فني، غير هنري، غير اصطلاحي، غير صنعتي، غير ٽيڪنيڪي.

untemper (اَنِ ٽيمپر) adj to destroy the temper of, deprive of suitable temper.طبيعت خراب ڪرڻ، ڌار ختم ڪرڻ، (چاقو وغيره جي) تيزي گهٽائڻ، ملو ڪرڻ.

untemptered (اَنِ ٽيمپرڊ) adj unconciling..غير صلح پسند، ناهہ نہ ڪندڙ، ڦڏي، جهڳڙالو، نہ نهندڙ.

untenable (اَنِ ٽينبل) adj not tenable, not defensible.نہ جنهنجو بچاءُ نہ ڪري سگهجي، ناقابل دفاع، غير واجبي، نہ مڃڻ جهڙو، اڻ ٻيهندڙ (دليل)، جيڪو قبضي ۾ نہ رهي سگهي، اجايو، ڪچو.

untenableness (اَنِ ٽينبلنيس) n untenability..نہ مڃڻ جهڙو، حالت يا حيثيت.

untenant (اَنِ ٽيننٽ) vt to deprive of a tenant; to dislodge..مسواڙي يا مقاطعدار، مسواڙي حيثيت کان محروم ڪرڻ، مسواڙيءَ کان ملڪيت واپس وٺڻ، قبضو واپس وٺڻ، ڪڍي ڇڏڻ، بي گهر ڪرڻ.

untenanted (اَنِ ٽيننٽيڊ) adj not occupied..قبضي کان خالي، غير آباد، قبضي هيٺ نہ آيل.

untended (اَنِ ٽينڊيڊ) adj not tended; neglected.نظر داري نہ ٿيل اڻ سنڀاليل، ڌيان نہ ڏنل، خيال نہ ڪيل، اڻ تاتيل، اڻ پاليل.

untent (اَنِ ٽينٽ) vt to remove from a tent.خيمي مان ٻاهر ڪڍڻ بي خدل ڪرڻ، عرب جي اٺ واري ڪار ڪرڻ.

untented (اَنِ ٽينٽڊ) adj having no tents; (of a wound) unproved, undressed or impossible to treat with a tent; unheeded.بنا طبتن جي، بنا خيمن جي، طبتن کانسواءِ، (زخم) ليڪ نہ ٿيندڙ، اهڙي جو اهڙو، طبتن سان نہ بيهارڻ يا ناهڻ جهڙو، بدو البدو ڪيل.

untenty (اَنِ ٽنٽي) adj careless.غير محتاط، غافل، بي پرواهہ، اڻ خبرو، بي خبرو، بي ڌيانو.

untenured (اَنِ ٽينيرڊ) adj not tenured.قبضي ۽ ملڪيت ۾ نہ آيل، آباد نہ ڪيل، نہ مليل.

untested (اَنِ ٽيسٽيڊ) adj not testedنہ آزمايل، اڻ آزمايل، اڻ پرکيل، اڻ چڪاسيل، ڪسوٽيءَ تي نہ لاٿل.

untether (اَنِ ٽيڙر) vt to release from a tether.رسيءَ مان آزاد ڪرڻ، سرڪڻ ڪڍي ڇڏڻ، واڳ لاهڻ، ڇوٽ ڏيڻ، ڦندو کولڻ.

untethered (اَنِ ٽيڙرڊ) adj not tethered..رسيءَ مان آزاد ٿيل، ڇوٽ ڏنل، کوليل، اڻ بنديل، آزاد.

unthanked (اَنِ ٿيئنڪڊ) adj not thanked..احسان نہ مڃيل، چڱائي نہ سمجهندڙ، غير مشڪور.

unthankful (اَنِ ٿيئنڪفل) adj not thankful.غير شڪرگذار، ناشڪرو، احسان فراموش، ڳڻ چور.

unthatch (اَنِ ٿئچ) vt to strip of thatch.گاهہ کان خالي ڪرڻ، ڇپر لاهڻ، ڇپر کان محروم ڪرڻ.

unthatched (اِن تيٿچڊ) adj not thatched. بنا ڇپر جي، بنا گاهه واري ڇت جي.

unthaw (اِن ٿا) vi, vt to thaw. ڳارڻ، پگهرائڻ، رجائڻ، رجڻ.

unthawed (اِن ٿاڊ) adj not thawed. گرم جوشيءَ کان خالي. ناراض، ڄميل، سخت، اڻ ڳريل، اڻ رجيل.

untheorized (اِن ٿيورائزڊ) adj not elaborated from a fundamental theory. اصول قائم نہ ٿيل. بنا ڪنهن بنيادي اصول جي، غير اصولي، ڍڪي وارو.

unthink (اِن ٿنڪ) vt, vi to think to the contrary, reverse in thought. مخالف خيال ڪرڻ، مخالف سوچ وارو، مخالف خيال وارو.

unthinkable (اِن ٿنڪبل) adj that cannot be thought; outside the realm of thought; beyond the power of thought; inconceivable; unimaginable; utterly impossible (often of things impending but too painful to think about). جنهن متعلق سوچي ۽ فڪر يا خيال نہ ڪري سگهجي، خيال ۾ نہ اچڻ جهڙو، تمام ڏکيو، مشڪل، غير ناڪ، دردناڪ، سوچ سمجهہ کان ٻاهر، اهڙيون شيون جيڪي اچڻيون تہ آهن مگر انهن جي باري ۾ سوچڻ سخت دردناڪ يا تڪليف ڏيندڙ هوندو آهي (جيئن موت، بيماري، حادثو وغيرهہ).

unthinking (اِن ٿنڪنگ) adj not thinking; thoughtless سوچ يا خيال نہ ڪندڙ، بي سوچ بي فڪر، اڄنت، غافل، ڪوتاهہ انديش

unthought (اِن ٿاٽ) adj not thought of. اڻ سوچيل، اڻ سنڀاليل، خيال نہ ڪيل.

unthread (اِن ٿريڊ) vt to take a thread from; to unweave; to loosen; to find one's way through. پنهنجو رستو پاڻ بنائڻ، ڌاڳو ڪڍڻ، کولڻ، اکيڙڻ، وڪڙ لاهڻ.

unthreaded (اِن ٿريڊڊ) adj not threaded. کوليل، اکيليل، کليل، اڻ اڻيل.

unthreatening (اِن ٿريٽننگ) adj not threatening or aggressive; safe. محفوظ، خطري کانسواءِ، بي خطر، سلامت، نہ ڌمڪائيندڙ، ڌمان نہ رکندڙ.

unthrifty (اِن ٿرفٽي) adj not thrifty; wasteful; prodigal; not thriving; unprofitable. فضول خرچ، غير صرفائي، مهانگو، اڻ سنڀاليندڙ، زيانڪار، وڃائو، اڏائو، آڏاءُ، هٿ ڇاڙ، بي فائدو، لسفل، لاحاصل، بي سود، بي گنجائش، رائيگان، ڪفايت نہ ڪندڙ، قناعت نہ ڪندڙ، صرفو نہ ڪندڙ.

unthriftyhed or unthriftyhead (آنِ ٿرفٽي هيڊ) n unthriftiness. فضول خرچي، هٿ ڇاڙ طبيعت، اڏاپڻ، هٿ ڇاڙائي.

unthrone (اِن ٿرون) vt to dethrone. حڪومت ۽ تخت کان لاهڻ، تخت ڦرڻ، تخت و تاج کان محروم ڪرڻ، بي تاج ڪرڻ.

untied (اِن ٽائڊي) adj not neat or orderly, گدلو، بي سجلو، گندو، بي ترتيب، بي ڍنگو

untie (اِن ٽاءِ) vt to loose from being tied; to unbind; to solve, resolve; to come loose. کولڻ، جاري ڪرڻ، رسي ڪڍڻ، فيصل ڪرڻ، کلي وڃڻ، ڳنڍ ڇوڙڻ، اکيلڻ، ڇوڙڻ، حل ڪڍڻ، پچڻ (ٻرولي).

untied (اِن ٽائڊ) adj not tied; loose; not loosed; still tied. اڻ ٻڌل، کليل، آزاد، ٻڌل، نہ کوليل، ٻڌي ڇڏيل.

until (اَنِٽل) prep. conj as far as. جيستائين، جيستائينڪ، جيسين، تانڪ، تائين، جيتري قدر.

untile (اَنٽائل) vt to strip of tiles. ڪاشيءَ جون سرون ڪڍڻ، چٽساليءَ واريون سرون ڪڍڻ.

untiled (اَنٽائلڊ) adj not tiled; stripped of tiles. بنا سرن جي، بنا ڪاشيءَ وارين سرن جي، ڪاشيءَ جون سَرون ڪڍي ڇڏيل.

untilled (اِن ٽلڊ) adj not tilled. هر نہ هلايل، غير کيڙيل، (زمين). غير زرعي زمين، لهور.

untimbered (اِن ٽمبرڊ) adj not strongly timbered; unwooded. بنا جهنگ جي، هلڪي، جهنگ وارو، (هلاڪتو).

untimely (اِن ٽائملي) adj, adv not timely; before the time, premature; immature; unseasonable; ill-timed; inopportune; at an unsuitable time; too early, prematurely; unseasonably; inopportunely. غلط وقت تي، بي وقت، بي موقعي، مقرر وقت تي نہ، صحيح وقت تي نہ، مناسب وقت تي نہ، بي وقتو، ڪمهلو، اڻ مداڻتو، ڪويلو، ريمنداڻتو، بي مهلو، ڪمندو، بي موسمو يا موسمي، ڪوقتو.

untimeous (اِن ٽائيمس) adj untimely. بي وقتو، بي مهلو، بي موسمو، اڻ منداڻتو، ڪويلو، غير منداڻتو، بي مهلو.

untin (اِن ٽن) vt to take the tin from. ٽن (ڏاتو) يا لوهي پڙڇ لاهڻ، دٻي جو ڍڪڻ کولڻ، جدا ڪرڻ، ٽين ڌاتو الڳ ڪرڻ، ٽين جو پڙ لاهڻ.

untinged (اِن ٽنجڊ) adj not tinged. بي رنگ ۽ مزي کانسواءِ، رنگو.

untinned (اِن ٽنڊ) adj not tinned. دٻي بند نہ ٿيل کل، دٻي کان ٻاهر.

untiring (اِن ٽائرنگ) adj tireless. ٿڪ کانسواءِ، آٿڪ، اڻ ٿڪ، مضبوط، اورچ.

untitled (اِن ٽائيٽلڊ) adj having no title; deprived of title; having no legal claim. بنا عنوان ۽ خطاب کانسواءِ، عنوان، شهرت کانسواءِ، بي نام، بي عنوان، خطاب ڦريل، بنا ڪنهن قانوني حق يا دعويٰ جي.

untold (اِن ٽولڊ) adj not counted; innumerable; not narrated; not communicated; not informed. شَمار کان ٻاهر، بي شمار، تمام گهڻو، اپار، اڻ ڳڻيو، اڪيچار، بيحد، نہ ٻڌايل، اڻ ٻڌو، نہ ڏسيل، اڻ ڏسيل، اطلاع نہ ڏنل.

untomb (اِن ٽومب) vt to disentomb, remove from a tomb. قبر مان ڪڍڻ، مقبري مان ڪڍڻ.

untombed (اِن ٽومڊ) adj not entombed. قبر يا مقبري ۾ نہ دفن ٿيل، روضي يا مقبري کانسواءِ.

untoned (اَنِ ٽونڊ) **adj** not toned; without tones. آواز کانسواءِ، نہ ڳالهايل، بنا سُر جي، بي سُريي تال.

untouchable (انِ ٽچبل) **adj, n** impossible to touch; not to be equalled or touched; someone whose excellence in some respect cannot be rivalled; (esp formerly) a Hindu of very low caste, a member of one of the scheduled castes. جنهن کي هٿ نہ لڳائي سگهجي، نہ ڇهڻ جهڙو، اڳراهيم آڇوت، ڪهٽ ذات وارو، هريجن، نہ پهچڻ جوڳو، ماهر ڪاريگر، لاجواب، لاثاني، بي مثال، بي نظير.

untouched (ان ٽچڊ) **adj** not touched; intact; unrivalled. اصلي حالت ۾، هٿ نہ لڳل، مڪمل، سالم، آڇتو، ثابت، صحيح سلامت، بنا مثال جي، بي مثال، لاجواب، لاثاني.

untoward (ان ٽورڊ) **adj** inconvenient; unlucky; unfavourable; unfitting; not easily guided; froward; awkward. نہ وڻندڙ، نا پسند، سرڪش، ڏنگو، اڏنگو، هوڏي، ضدي، نحس، سرڪش، ڏنگو، ڏکيو، اڻ ڪهڙيو، بي ڍولو، ڏدستو، جڏو، ڪڍنگو، سهوليت کان والجهيل، نياڳو، ٺهڪي نہ ايندڙ، اڻ سُهائيندو، آنائو، نامهربان، (حالت) منجهائيندڙ.

untrace (ان ٽريس) **vt** to loose from traces. رسن مان آزاد ڪرڻ، کولي ڇڏڻ، رسي يا واڳ ڍري ڪرڻ، بي لغام ڪرڻ.

untraceable (ان ٽريسبل) **adj** impossible to trace. جنهن کي معلوم نہ ڪري سگهجي، ڳولا ۾ نہ ايندڙ، وڃايل، هيٺ متي ٿيل.

untraced (ان ٽريسڊ) **adj** not traced or found. اڻ لڌل، وڃايل، گم ٿيل، هيٺ متي ٿيل.

untraded (ان ٽريڊڊ) **adj** unfrequented, specifically for trade; unhackneyed. (مارڪيٽ، ملڪ يا شهر) گهٽو نہ ڳوليل، ڦوليل، جيڻن خريد فورخت لاءِ گهٽ ماڻهو ويندا هُجن يا گهٽ دفعا ماڻهو ويندا هُجن (خاص ڪري واپار خاطر)، جاچ نہ ڪيل، خبر چار نہ ورتل.

untracked (ان ٽريڪڊ) **adj** not marked with tracks from skis; having no previously-trodden track; unexplored; not traced or followed. برف تي متي کان هيٺ وڃڻ يا ترڪڻ لاءِ نشان نہ لڳل پيچرا يا لنگهہ، تلاش نہ ٿيل، نہ ڳوليل، پير نہ رکيل، نئون لنگهہ- رستو - پيچرو، نئون ملڪ، اڳ نہ ڏٺل.

untraditional (ان ٽريڊيشنل) **adj** not traditional; unusual. روايات جي ابتڙ، روايات خلاف، غير روايتي، غير رواجي.

untrained (ان ٽرينڊ) **adj** not trained. اڻ سِکيا نہ ورتل، نول، اڻ ڪيڙيل، اڻ سيکاريل، غير تربيت يافتہ.

untrammelled (ان ٽرئملڊ) **adj** not trammelled, unhampered. روڪيل نہ، اڻ بنديل، اڻ روڪيل، بنا روڪ يا بند جي.

untransferable (ان ٽرانسفريل) **adj** not transferable. جنهن کي هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ نہ ڪري سگهجي، تبديل نہ ڪرڻ جهڙو، نہ مٽائڻ جهڙو، غير تبديل، منتقل نہ ٿي سگهندڙ.

untransformed (ان ٽرانسفارمڊ) **adj** that has not been transformed. جيڪو بدلايل نہ هجي، نہ بدليل، نہ مٽايل، تبديل نہ ٿيل.

untranslatable (ان ٽرانسليٽيبل) **adj** that cannot be translated. جنهن جو ترجمو نہ ڪري سگهجي، ترجمي نہ لائق، ترجمو نہ ڪري سگهڻ جهڙو.

untransportable (ان ٽرٽرانسپورٽبل) **adj** that cannot be transported. جنهن کي ٻئي هنڌ منتقل نہ ڪري سگهجي، ٻئي جاءِ تي نہ موڪلڻ جهڙو.

untravelled (ان ٽريولڊ) **adj** that has not travelled; that has not been travelled over or through. جنهن جو سفر نہ ٿيل هجي، اڻ ڏٺل، نئون.

untread (ان ٽريڊ) **vt** to tread back; to retrace. پوئتي هٽڻ، پوئين پير وڃڻ، موٽي اچڻ.

untreasure (ان ٽريزر) **vt** to despoil of treasure. خزاني کان خالي ڪرڻ ، ملڪيت وڃائڻ.

untreatable (ان ٽريٽبل) **adj** that cannot be treated; intractable. نہ ناهڻ جهڙو، علاج نہ ڪرڻ جهڙو، هوڏي، بي چيو، اڙڪو، آجهل.

untreated (ان ٽريٽڊ) **adj** not treated. خام، ڪچو، اڻ پچايل.

untrendy (ان ٽرينڊي) **adj** not trendy. جنهن جو رواج نہ هجي، غير رواجي، غير فيشني.

untressed (ان ٽريسڊ) **adj** not dressed or arranged in tresses. (وارن جو) سلجهيل نہ هجڻ، ڪنڊڙيل وار، ڪنگو نہ ڪيل، ڦٽي نہ ڏنل، اڻ سنواريل، غير سنواريل.

untried (ان ٽرائيڊ) **adj** not tried, tested, attempted, experienced or subject to trial in court; not ventured upon, hence not noticed or dealt with. آزمائش نہ ورتل، غير آزمائشي، نئون، غير تجربيڪار، تجربو نہ ٿيل، اڻ فيصل، (ڪيس، مقدمو) نہ هليل، اڳ نہ ڏٺل، اڻ آزمايل، جنهن کي اڳ ۾ آزمايو ويو نہ هُجي، ڌيان تي نہ آيل، واسطو نہ پيل.

untrim (ان ٽرم) **vt** to deprive of trimming or trimness. جهالرون هٽائڻ، چنٽ کولڻ.

untrimmed (ان ٽرمڊ) **adj** not trimmed. بنا جهالرن جي، بنا ناهہ ٺوهہ جي، اڻ سجائتو، اڻ سجايل، اڻ چانگيل، اڻ ڪوڙيل (وار).

untrodden or untrod (ان ٽراڊن يا ٽراڊ) **adj** not trodden upon; unfrequented. اڻ پهرو، اڻ لتاڙيل، اڻ ڏٺل، لنگهہ کان پري، نہ سَرڪيل، اوجهڙ، ڦتل، سيجو، ٺرمنش، (واٽ يا دڳ) جنهن کي استعمال نہ ڪيو ويو هُجي.

untroubled (ان ٽربلڊ) **adj** not troubled or disturbed; not turbid. پريشان نہ ٿيل، خراب نہ ٿيل، صاف سٿرو، سانتيڪو، مائيٺو.

untrue (ان ٽرو) **adj, adv** not true; false; not faithful; dishonest; inexact; not in accordance with a standard; untruly, untruthfully. ڪوڙو، حقيقت کان پري، آست.

ڪوڙي (ڳالهہ)، نمڪ حرام، بي وفا، غلط.

untruism (ان ٽرئزم) n an untrue platitude. سچائي کان خالي، ايوڳائي، لسائي، لسي ڳالهہ، بي لطف ڪلام، عام ڳالهہ، بڪواس، ڀاڙ، لپاڙ، پٽاڪ.

untruly (ان ٽرولي) adv. falsely. حقيقي طرح نہ، ڪوڙيءَ طرح.

untruss (ان ٽرس) vt to unpack; to unfasten; to untie (esp the points or laces on clothes;) to untie the points of. وڪڙ کولڻ، (سامان) کولڻ، ڳنڍ کولڻ، ڪپڙن جو ڳنڍيون کولڻ، بوٽ يا ڪپڙن جون ڪهيون يا ڪشو کولڻ.

untrussed or untrust (ان ٽرسڊ آر ان ٽرسٽ) adj not trussed; untied; without points untied. اڻ ٻڌل، اڻ جوڙيل، (چٽ) بنا ڪام جي، بنا ٻڌل جوڙن جي.

untrust (ان ٽرسٽ) n distrust. بي اعتماد نہ ڪرڻ، گمان، شڪ، بي ويساهي، ويساهہ نہ ڪرڻ، (ڀر) شڪ هئڻ.

untrustful (ان ٽرسٽفل) adj not trusting; not trustworthy; not to be trusted. جنهن تي اعتماد نہ ڪري سگهجي، غير اعتباري، بيويسهو، شڪي، آشواسي.

untrusting (ان ٽرسٽنگ) adj not trusting; suspicious. اعتماد نہ ڪندڙ، شڪي، سنسي، ڀرمي، وسوسيو، گماني، بي ويسهو، وسواسي، شڪاڪو، اڻ وسهو، شڪ جو.

untrustworthy (ان ٽرسٽ وردي) adj not worthy of trust. غير معتبر، غير اعتباري، نا معتبر، اڻ وسهو، بي پتيو، نہ اعتبار ڪرڻ جهڙو.

untrusty (ان ٽرسٽي) adj not trusty; not deserving trust. ناقابل اعتماد، غير اعتباري، ناقابل اعتبار.

untruth (ان ٽرٿ) n falseness; falsity; that which is untrue; a lie; unfaithfulness. سچو نہ هجڻ، ڪوڙ، غلط، جوٺ، اسٽ، ڪپتائي، بيوفائي، غلط بياني.

untruthful (ان ٽرٿ فل) adj not truthful. ڪوڙو، ٺڳ، بي ايمان، بيمان.

untuck (ان ٽڪ) vt to unfold or undo from being tucked up or in; to take out tucks from. قيد مان ڪڍي ٻئي هنڌ رکڻ، کولي رکڻ، جُدا ڪرڻ.

untucked (ان ٽڪڊ) adj not tucked up or in. (وچ ۾) نہ پيل، الڳ رکيل، جُدا ڪيل.

untuckered (ان ٽڪرڊ) adj not having a tucker on. ڦاسايل نہ، اڻ ڦاسايل، نہ قابو ڪيل.

untunable (ان ٽيونيبل) adj harsh. سخت، ڏکيو، مشڪل، کهرو، ڪوڙوَ، ڪسارو، ڪتو، اگرو، بي رحم.

untune (ان ٽيون) vt to put out of tune. سريلو نہ ڪرڻ، بي سرو ڪرڻ، بي تالو ڪرڻ.

untuned (ان ٽيونڊ) adj not tuned; put out of tune. سر ۽ تال کان سواءِ، بي سر، هوائي تار، بي تال.

untuneful (ان ٽيون فل) adj not tuneful or melodious. بي سرو، بي تالو، بي نغمگي.

unturf (ان ٽرف) vt to strip of turf. گاهہ کان خالي ڪرڻ، ساوڪ ختم ڪرڻ.

unturn (ان ٽرن) vt to turn backward. واپس رخ بدلائڻ، پوئتي ورائڻ، پوئتي موٽائڻ.

unturned (ان ٽرنڊ) adj not turned. اڻ ڦيرايل، اڻ ڦاهيل، اڻ موڙيل، اڻ هلايل (انجڻ وغيرهہ).

untutored (ان ٽيوٽرڊ) adj untaught; uninstructed. هدايت نہ ورتل، اڻ سيکاريل، اڻ پڙهايل، اڻ ڪيڙيل، اڻ سڌاريل.

untwine (ان ٽوائن) vt, vi to untwist; to separate by untwisting. وڪڙ کولي، ٻٽ کولڻ، ڏوريءَ مان کولڻ، وڪڙ کولڻ، جُدا ڪرڻ.

untwist (ان ٽوسٽ) vt, vi to twist backwards so as to open out; to straighten out from a twist. (پوئتي ورائي وڪڙ کولڻ، وٽ کولڻ، اڌيڙڻ، اکيلڻ، اکولڻ.

untwisted (ان ٽوسٽڊ) adj not twisted; subject to untwisting. وڪڙ کانسواءِ، اڻ ويڙهيل (رسو، ڌاڳو).

untypable (ان ٽائپبل) adj that cannot be defined as a particular type. جنهن کي ڪنهن بہ جنس يا قسم سان پيتائي نہ سگهجي، جنهن جو مثال ۽ نمونو نہ ڏئي سگهجي، غير جنس، ڪنهن بہ جنس سان نہ لهڪندڙ، اڻ ميل، ميل نہ رکندڙ، مختلف.

untypical (ان ٽپيڪل) adj not typical; unusual. ڪنهن جهڙو نہ، غير معمولي، بي دستور، الوکو.

unusable (ان يوزبل) adj not usable. ناقابل استعمال، استعمال جي نا قابل، استعمال جي نہ لائق، استعمال ڪرڻ جي لائق نہ هجڻ، غير استعمالي.

unused (ان يوزڊ) adj not used; unaccustomed; unusual. استعمال نہ ٿيل، اڻ استعمال (شي وغيرهہ)، ڪم نہ آيل، ڪورو، اڻ هريل، بيڪار، اڻ هنڊيل، اڻ هنڊيو.

unusual (ان يوزيل) adj not usual; uncommon; remarkable. خاص، غير معمولي، بي دستور، الوکو، اڪثر نہ ڏسڻ ۾ ايندڙ، بي ريتو، عجيب، نرالو، نيارو.

unusually (ان يوزئلي) adv more than usually; in an unusual way. دستور جي ابتڙ، غير معمولي طور، عجيب طريقي سان، بي دستوري.

unutterable (انِ آتريبل) adj beyond utterance, inexpressible; not to be uttered; an unutterable thing; trousers. اکهہ، بيان کان ٻاهر، جيڪو بيان نہ ڪري سگهجي، جيڪو چئي نہ سگهجي، جوڻ جي اجازت نہ مليل، نہ چوڻ جهڙي ڳالهہ، چڊي، الڪي يا ڪڇو (جن جو اڳين وقتن ۾ ٻين جي سامهون نالو ڳنهڻ معيوب سمجهيو ويندو هو).

unuttered (انِ آترڊ) adj not uttered or expressed. بيان نہ ٿيل، نہ چيل، ڳالهہ نہ ٿيل.

unvaccinated (انِ ويڪسينيٽڊ) adj not vaccinated. ٽڪو نہ لڳل، ٽڪا نہ لڳل.

unvaluable (اَن ويلوئبل) adj not valuable, of little worth; invaluable, priceless.. ستو، بي قيمت، بي وقعت، اجايو، توري قيمت وارو.

unvalued (اَن ويليوڊ) adj not prized or highly esteemed; without having a value assigned; invaluable, priceless. گهٽ قدر ۽ قيمت وارو، بنا قيمت جي، قيمت نه ڪٿيل، ملهه جوا ندازو نه ڪيل، بي قيمت، بي وقعت.

unvanquished (اَن ونڪشڊ) adj not vanquished. فتح نه ٿيل قبضي ۾ نه آيل، اڻ ماتيل، آزاد.

unvaried (اَن ويريڊ) adj not varied. تبديلي ۾ نه آيل، نه بدلايل، اصل حالت ۾.

unvarnished (اَن وارنشڊ) adj not varnished; not artfully embellished or sophisticated.. رنگ ۽ چمڪ نه ڏنل، بنا رنگ روغن، بي وارنش، سادو، (آڪاڻي) سڌي سادي، (ڳالهه) بنا مرچ مصالحي، سچو.

unveil (اَن ويل) vt,vi to remove or set aside a veil from; to open to public view by the ceremonial removal of a covering; to disclose or reveal; to remove one's veil; to become unveiled, to reveal oneself.. نقاب هٽائڻ، پردو لاهڻ، برقعو لاهڻ، کولڻ، حجاب لاهڻ، ظاهر ڪرڻ، گهونگٽ لاهڻ، منهن کولڻ، عوام سامهون آڻڻ، بي نقاب ڪرڻ، نماءُ ڪرڻ، پاڻ ڏيکارڻ، ڳالهه کولڻ، ڍڪ لاهڻ، سچ کولڻ، اگهاڙو ٿي بيهڻ.

unveiled (اَن ويلڊ) adj without a veil; with veil set aside or removed; unconcealed and undisguised. اڻ پردو لٿل، کليل، ظاهر، بنا پردي، اڻ ڍڪيل، بي نقاب، اڻ لڪايل، معلوم، ظاهر ظهور.

unveiling (اَن ويلنگ) n the ceremonial removal of a covering.. افتتاح ڪرڻ، نماءُ ڪرڻ، آڏو آڻڻ، پڌرائي ڪرڻ، مهورت ڪرڻ.

unvented (آن وينٽڊ) adj not vented; without a vent. سوراخ کان سواءِ، بنا سوراخ، بنا سَل جي، بنا ٽنگ جي، بنا ليڪال جي، بنا هوا جي لنگهه جي.

unventilated (اَن وينٽيليٽڊ) adj not provided with a means of ventilation; not discussed. غير هو دار، هوا جي لنگهه، کانسواءِ، بحث مباحثو نه ٿيل، ڳالهه ٻولهه ۾ نه آيل، عام نه ٿيل.

unveracious (اَن ويريشس) adj not truthful.. بي ايمان، ڪوڙو، دغاباز، ڏوڪيباز، ٺڳ.

unverified (اَن ويرفائڊ) adj not verified. غير تصديق نه ٿيل، تصديقي، اڻ سچاتل، نه سچاتل، غير اعتباري.

unversed (اَن ورسڊ) adj not experienced or skilled; not put in verse. شعر غير هنر مند، غير تجربيڪار، اڻ واقف، جي صورت ۾ نه آندل.

unviable (اَن وئيبل) adj not viable. نه رهڻ جي لاءِ نه هجڻ، جيئي سگهندڙ، نه رهڻ جهڙو، اڻ لهڪندڙ، غير مناسب، ٿي نه سگهندڙ، ممڪن ٿي نه سگهندڙ.

unviolated (اَن وائليٽڊ) adj not violated.. خلاف ورزي نه ٿيل، ايذاءُ نه پهچايل، پرشٽ نه ڪيل، اصل، حالت ۾ موجود.

unvirtue (اَن ورچو) n lack of virtue. بي وصف، بيهودو، بي افعالو.

unvisitable (اَن وزيٽبل) adj unfit to be visited; unsuitable for visiting; unable to visit. نه جتي وڃي نه سگهجي، نه ڏسي سگهڻ جهڙو، نه پهچي سگهڻ جهڙو.

unvisited (اَن وزٽڊ) adj not visited. نه آڻ ڏٺل، نه گهميل، سير نه ڪيل.

unvisor or unvizard (اَن وائزر يا اَن وزرڊ) vt to remove or open the visor of; to unvisor oneself; to unmask. نقاب لاهڻ، اکين اڳيان رکيل شيشي وارو ڍڪ لاهڻ، خود يا لوڻلو لاهڻ، آڪيو کولڻ، موڙ يا گهونگهٽ هٽائڻ، نقاب يا سانگ هٽائڻ.

unvitiated (اَن وشيئيٽڊ) adj not vitiated.. خراب نه ٿيل، صاف، اصل حالت ۾.

unvoice (اَن وائس) vt to change to, or utter with a voiceless sound. آواز ختم ڪرڻ، بنا آواز جي چپ چورڻ يا چوڻ، اشاري سان پڌائڻ، اشارو ڪرڻ، اشارو ڏيڻ.

unvoiced (اَن وئسڊ) adj not spoken or expressed; without voice; (of a speech sound) voiceless, uttered with the breath rather than with vibration of the vocal cords. سامهر، آواز ۾ بيان نه ٿيل، بنا آواز جي، بي آواز، رستي ڳالهايل.

unvoicing (اَن وائسنگ) n change to a voiceless sound. بي آواز صورت يا حالت ۾ آڻڻ.

unvoyageable (آن وائيجبل) adj not navigable, impassable. نه گذر جي لاءِ نه هجڻ، (درياهه يا آبي رستو) سفر نه ڪرڻ لائق، مشڪل، اڻانگهو.

unvulgarize (-ise) (آن ولگرائيز) vt to free from vulgarity. بيهودگيءَ کان بچائڻ، نيڪ ڪرڻ، صاف ڪرڻ.

unwaged (اَن ويجڊ) adj not given wages; unpaid; unemployed.. معاوضو نه ڏنل، ادا نه ڪيل، نوڪريءَ تي نه بيهاريل، بي روزگار.

unwalled (اَن والڊ) adj without enclosing walls. پٽ نه ڏنل، بنا چوديواريءَ جي، بنا ڪوٽ جي، بنا عالر پناهه جي.

unwanted (اَن وانٽڊ) adj not wanted. غير خواهش نه ٿيل، ضروري، نه کپندڙ.

unware (اَن ويئر) adj, adv unwary; unaware, without knowing; unexpected; unknowingly; unexpectedly. بنا غير متوقع، ڄاڻ نه رکندڙ، اڻ ڄاڻ، بنا معلومات جي، اوچتو، ڪنهن اڳواٽ اطلاع جي، بي خيالو، بي ڌيانو.

unwarely (اَن ويئرلي) adv unwarily; suddenly, unex-

pectedly. اوچتو، غفلت يا بي پرواهيءَ کان، لاپرواهي کان، غفلت سان، غافلاً بي خبرو.

unwareness (انِ ويئرنس) n unwariness. غفلت ، بي پرواهي، بي خبري، بي ڌيالي.

unwares (انِ ويئرس) adv unawares; unexpectedly, suddenly; unknowingly. بي خبريءَ ۾، اوچتو، غير متوقع طور، اڻ ڄاڻائي، ۾ بي ڌياليءَ ۾، بي خياليءَ ۾.

unwarlike (ان وار لائيڪ) adj not warlike. غير جنگي، امن پسند ، اڻ ويڙهاڪ.

unwarmed (انِ وارمڊ) adj not warmed. گرم نہ ٿيل، ٿڌو، ٺريل، ڪوسو نہ ٿيل.

unwarned (انِ وارنڊ) adj not warned or forewarned. تنبيهہ نہ ڏنل، اطلاع نہ ڪيل، خبردار نہ ڪيل.

unwarrantable (انِ وارنٽبل) adj indefensible; unjustifiable. ن واجب، ناجائز، بي واجبي، بي انصافي، بي جاءِ، بي واجبي.

unwarranted (انِ وارنٽڊ) adj unauthorized; unjustified. نامعقول، ناجائز، بنا اختياري، غير مستند، خلاف اختياريءَ (جي وڪڻندڙ)، ذمي بنا (مال)، بنا مالڪ جي مرضيءَ جي (وڪيل).

unwary (انِ ويئري) adj not wary; not aware of danger; unexpected. غير محتاط، نادان، غافل، بي پرواهہ، بي خبر، بي خيالو، غير خبردار، غير هوشيار، اوچتو، بي خبريءَ ۾، بنا اندازي جي، خطري کان بي خبر.

unwashed (انِ واشڊ) adj not washed; not usually washed or cleaned. اڻ ڌوتل، غير صاف، ڪورو، ميرو، اڌورو، ميرو، ڪچيرو، گدلو.

unwatchable (انِ واچبل) adj disturbing or not interesting to watch. جنهن کي ڏسي نہ سگهجي، نہ ڏسڻ جهڙو، اوجهيل.

unwatched (انِ واچڊ) adj not watched. نہ ڏٺل، اڻ ڏٺل.

unwatchful (انِ واچفل) vt not watchful. غير محتاط، بي خبر، غير خبردار، بي ڌيانو.

unwater (انِ واٽر) vt to drain esp a mine. پاڻي ڪڍڻ، کاڻ مان پاڻي ڪڍڻ، پاڻي ڪڍي ڪم لائق بنائڻ.

unwatered (انِ واٽرڊ) adj freed from water; not watered. پاڻي نہ ڏنل، پاڻي ڪڍيل، پاڻيءَ بنا، سُڪل، خشڪ.

unwavering (ان ويورنگ) adj not wavering. نہ لهرائيندڙ، ثابت قدم، پختو، هڪ جٽو، نہ هٻڪندڙ.

unwayed (ان ويوڊ) adj not accustomed to roads; (hence intractable). رستن ۽ سڙڪن جي ڄاڻ نہ رکندڙ، اڻ ڄاڻ، نہ ڳولي سگهندڙ.

unweal (انِ ويئل) n affliction, ill. بدحالي، بيماري، تڪليف، مچا، بدبختي، مصيبت، صدمو.

unweaned (انِ ويند) adj not weaned. کير نہ ڇڏرايل، کير پياڪ، ٿڃ پيئندڙ ٻار، ٻچڙ.

unweapon (انِ ويپن) vt to disarm. هٿيار کسڻ، بي هٿيار ڪرڻ.

unweaponed (انِ ويپنڊ) adj unarmed; disarmed. هٿيار بند نہ ٿيل، بي هٿير، بنا هٿيارن جي.

unwearable (انِ ويئربل) adj that cannot be worn. جنهن کي پائي نہ سگهجي، نہ پائڻ جهڙو، نہ پهرڻ جهڙو، ننڍو يا وڏو، سوڙهو يا لنڊو، ويڪر، يا ڍڳهو، نہ ايندڙ.

unwearied (ان ويئرڊ) adj not wearied or tired; never becoming weary, indefatigable; unremitting. جيڪو ٿڪل نہ هجي، اڻ ٿڪل، نہ ٿڪايل، نہ ٿڪجندڙ، جنهن کي ٿڪائي نہ سگهجي.

unweary (انِ ويئري) adj not weary. آنِ ويئري) نہ ٿڪل، آڻ هجيل، توانو، نوبنو، تيار، تازو، اورچ.

unwearying (انِ وئريئرنيگ) adj persistent; not causing or producing weariness. نہ ٿڪندڙ، آتڪ، اورچ، ثابت، قدم، هوڏي، شدتي، ضدي، نہ ٿڪائيندڙ، تڪليف نہ ڏيندڙ

unweave (انِ ويو) vt to undo from being woven. ڪپڙو نہ نامڻ، نہ آڻڻ، الڻ بند ڪرڻ، اڌيڙڻ.

unwedgeable (ان ويجبل) adj unable to be split with wedges. جنهن کي ورهائي نہ سگهجي، جنهن ۾ ولي نہ وجهي سگهجي، اڻ وٺيرو.

unwed (ان ويڊ) adj unmarried. ڪنوارو، غير شادي شده، بي نڪاحو، اڻ پرڻيل.

unwedded (ان ويڊيڊ) adj unmarried. شادي نہ ٿيل، غير شادي شده، ڪنوارو، اڻ پرڻيل، ڇڙو.

unweeded (ان ويڊيڊ) adj not cleared of weeds. گاهہ گند کان نہ صاف ٿيل، گاهہ ڀريل، گند ڀريل.

unweened (ان ويند) adj unexpected. غير متوقع، اوچتو، اتفاقي.

unweeting (ان ويٽنگ) adj unwitting. نہ لکڻ وارو، غير مزيدار، بي خبر، غير ارادي، سمالپ يا ڏاهپ کان وانجهيل، مورک.

unweetingly (ان ويٽنگلي) adv unwittingly. نہ لکڻ جهڙو، غير ارادي، بي خبرائيءَ ۾ ڄاڻي واڻي نہ، اڻ ڄاتو، غفلتاً، بي خبرائيءَ کان، مورکائيءَ کان.

unweighed (ان ويڊ) adj not weighed; not pondered; unguarded. وزن معلوم نہ ٿيل، نہ سوچيل، غور نہ ڪيل، اڻ سنڀاليل.

unweighing (ان ويئنگ) adj thoughtless, inconsiderate. بغير اندازي ۽ سوچ وارو، بي خيال، بي سوچ، الغرض، لسچنت، اڻ ڳالو، ٻئي جو خيال نہ رکندڙ، اسوچ.

unweight (ان ويٽ) adj remove the weight from; (esp a ski, by ceasing to press). وزن لاهڻ، وزن گهٽ ڪرڻ، زور لاهڻ، بار لاهڻ.

unwelcome (ان ولڪم) adj not welcome or acceptable. ناقابل قبول، نہ وڻندو، نہ آدرڀاءَ ڪرڻ جهڙو، نا دلپذير، ري سڏيو، غير پسنديده، ري ڪوٺيو، ناپسند.

unwelcoming (ان ويلڪمنگ) **adj** having an inhospitable atmosphere; hostile; unfriendly. غير دوستاڻو. آدرڀاءُ نہ ڪندڙ، نہ وڻندڙ. تڪليفده ماحول يا حالتون. مخالف. اڻ نهڪندڙ.

unwell (ان ويل) **adj** not in good health; indisposed; in poor health, mildly sick. خراب طبيعت ۾. بيمار. بيمزي. ناچڱو. ناچاڪ. اڪهو. ناخوش. اڻڪيل. عليل. هلڪي بيماريءَ ۾ ورتل.

unwept (ان ويپٽ) **adj** not wept for; (of tears) not shed.. ڳوڙهو نہ وهايل. نہ رنل. جنهن تي رنو نہ ويو هجي. بنا غم جي.

unwetted (ان ويٽيڊ) **adj** not wetted.. غير آلو. اڻ پسيل. سُڪو. خشڪ. نہ سنيااليل. الدازو. نہ ڪيل. نہ پرڪيل.

unwhipped (ان وپڊ) **adj** not punished by or as by whipping; not subject to a party whip. چهبڪ. چهي يا ڪوڙي سان نہ ڪٽيل. سزا نہ ڏنل. (سياسي پارٽيءَ جي) اثر ڪان ٻاهر.

unwholesome (ان هولسم) **adj** not wholesome; unsound; tainted in health, taste or moral. غير مڪمل. چڱي طرح نہ. ناڪوار. بد ذائقي. ناموافق. زياني. صحت بڪاڙ. مرضيل. هاڃيڪار. بي سواد. بد اخلاق.

unwieldy (ان ويلڊي) **adj** difficult to wield or move, from bulk or weakness, heavily awkward, unmanageable,. تمام بي ڍولو. بي ڍبو. اڻ ڪجهو. اڪيچ. ڀاري. تمام ڳرو. هاٿانگ. چپ جهڙو. نہ ڪجڻ جهڙو. وزني. بي قابو. ڪمزور. چورڻ ڪان لاچار. سنڀال ڪان ٻاهر. بي ڍنگو. وس ڪان ٻاهر.

unwilling (ان ولنگ) **adj** reluctant, done reluctantly, not willed, unintentional, غير مائل. بي دليو. اڻ ميچيو. بي دل. ارهو. ناراض. رنج. نا خوش. بي دليءَ سان ڪيل. اڻ راضپي وارو. غير ارادي. اڙي بازي.

unwind (ان ونڊ) **vt,vi** to undo the winding of, to free from being wound, to wind down or off, to slacken, to relax, to become unwound, to relax, کولڻ. وڪڙ ختم ڪرڻ. سلجهائڻ. اکيلڻ. ڍرو ڪرڻ. هلڪو ڪرڻ. رفتار گهٽائڻ. فرحت ۾ اچڻ. ڍرو ٿيڻ. ٽڙو ٿيڻ. ساهڻ. ساهي ڏيڻ.

unwinding (ان ونڊنگ) **n, adj** the action of unwinding something; untwisting; uncoiling; not winding. نہ کلڻ جو عمل. نہ کلنڙ. آکلندڙ. اڻ ڪلندڙ. نہ ويڙهجندڙ

unwinking (ان ونڪنگ) **adj** not winking; watchful, vigilant. هوشيار. مستعد. اک نہ چنيندڙ. سجاڳ. خبر دار. چوڪس. سچيت. بيدار. آگاهہ.

unwinnable (ان ونبل) **adj.** that cannot be won, جنهن کي کٽي نہ سگهجي. نہ کٽڻ جهڙو. اڪٽ.

unwire (ان وائر) **vt** to take the wire from, تار لاهڻ. تار ڪيڻ. الڳ ڪرڻ.

unwisdom (ان وزڊم) **n** lack of wisdom, foolishness, in judiciousness, بيوقوفي. عقل جي ڪمي. بي عقلائي. بي انصافي. زيادتي. ڏاهپ ڪان وانجهيل.

unwise (ان وائيز) **adj** not wise, injudicious, foolish,. بيوقوف. بي سمجهہ. بي عقل.نادان. اياڻو. بي عقلي جو. زيادتيءَ وارو. بي انصافيءَ جو. بي امتياز. بيوقوفاڻو.

unwish (ان وش) **vt** to wish to be away, not to be, to be unfulfilled or to be undone.. خواهش نہ ڪرڻ جهڙو. خواهش ڪرڻ تہ پري هجي. نہ ٿيڻ جي دُعا گهرڻ. تمنا ڪرڻ.

unwished (ان وشڊ) **adj** not wished for.. خواهش نہ ڪيل. ياڻ مرادو. اڻ سڏيو. اڻ ڪوٺيو.

unwist (ان وسٽ) **adj** not known; unknowing.. اڻ ڄاتل. اڻ سڃاتل. غير واقف ڪار.

unwit (ان وٽ) **vt** to deprive of wits. لاجواب ڪرڻ. بي وقوف بنائڻ.

unwitch (ان وچ) **adj** to free from witchcraft. جادوءَ مان ڪيڻ. منڊ يا موهہ لاهڻ. جادوءَ جو اثر ختم ڪرڻ.

unwithdrawing (ان وٿ ڊرائنگ) **adj** liberal, lavish.. آزاد. کهٿو. سخي. ڏاتار. ادارچت. درياهہ دل. ڪشاده دل. ڪافي وافي. مٺو. جهجهو. سَتڻ. اڏائڻ. اڏاءُ.

unwithered (ان وڌرڊ) **adj** not withered; still vigorous or fresh.. تازو. طاقتور. اڻ ڳريل. غير ڪمزور. جوان. قوت وارو. ٻل وارو.

unwithholden (ان وٿ هولڊن) **adj** not held back, not restrained.. نہ روڪيل. اڻ رنڊيل. غير بنديل. ڪليل. آزاد.

unwithholding (ان وٿ هولڊنگ) **adj** not holding back. نہ روڪيندڙ. نہ جهليندڙ. نہ بنديندڙ.

unwitting (ان وٽنگ) **adj** without knowing; unaware; not cognizant; unintentional. بي خبر. لا علم بي ڄاڻو. بي خيال. بي ڌيان. اڻ خبردار. بنا سوچ ويچار جي. بي ڌاليءَ ۾. بي خبريءَ ۾.

unwitty (ان وٽي) **adj** foolish; without wit; unskilled. جاهل. چٽ. بي عقل. چسو. سيڪڙات. اڻ ڄاڻ.

unwive (ان وائيو) **vt** to deprive of wife.. ال ڪسڻ. جوءِ ڦرڻ.

unwived (الوائيوڊ) **adj** without a wife. زال کان سواءِ. بي جويو. ڇڙهو. ڪنوارو.

unwoman (ان ومن) **vt** to make unwomanly. نسواليت ختم ڪرڻ. زنالين خوبين ڪان محروم ڪرڻ.

unwomanly (ان ومنلي) **adj** not befitting a woman; not such as a woman is expected to be; in an unwomanly manner. غير نسواني. زناني طبعيت خلاف. عورت تي نہ نهڪندڙ. عورت ڪان اميد نہ رکڻ جهڙو.

unwon or unwoned (ان ونٽ/ ان ونڊ) **adj** unaccustomed; unusual.. ڪلهن ڪلهن. اڻ هريل. ٽول. عجيب. نرالو. غير معمولي. خلاف دستور. اڻ واقف. اڻ سولهون.

unwooded (ان وڊيڊ) **adj** not wooded, treeless. ڪاٺ بغير. وڻن کانسواءِ جهنگل يا ٻيلي کانسواءِ. ٻوٽو. وڻراهہ کانسواءِ.

unwork (ان ورڪ) **vt** to undo. رد ڪرڻ. ڊاهي ڇڏڻ. ڊاهڻ.

ٿئائڻ.

unworkable (اَن ورڪيبل) **adj** not workable; impracticable. بيڪار، ڪم نہ ڪرڻ جهڙو، نہ لهندڙ، نہ جوڙڻ جهڙو.

unworked (اَن ورڪڊ) **adj** not shaped or moulded; not mined, not exploited. نہ ڪمايل، اڻ ٺاهيل اڻ استعمالي، نہ کوٽيل، يا استعمال ڪيل، اڻ گهڙيو.

unworkmanlike (اَنِ ورڪمين لائڪ) **adj** not like or worthy of a good workman. غير هنر منداڻو، غير ڪاريگراڻو، ماهر ڪاريگر جي ڪم جيان نہ هجڻ .

unworld (اَن ورلڊ) **adj** not of this world; spiritual; nave; above worldly or self-interested motives. هن دنيا سان واسطو نہ رکندڙ، غير دنياوي، روحاني، دنياوي ضرورتن کان مٿاهون، بي غرضائي.

unwormed (اَن وارمڊ) **adj** not worm-eaten; (of a dog, not having had the worm or lytta cut out from the tongue, جيت جي کاڌي کان بچيل، (ڪتو) جيئن يا جيوڙن کان جراحت ذريعي صاف نہ ڪيل، جيئن پريل.

unworn (اَنِ وورن) **adj** not worn or impaired by wear. استعمالي، استعمال ڪري خراب نہ ٿيل، سٺو، خراب نہ ٿيل، استعمال لائق، پائڻ جهڙو.

unworried (اَن وريڊ) **adj** not worried; calm. فڪر کان بچيل، بي فڪر، صابر، خاموش، صاف، سانتيڪو، سانت، ٿڌو، ٺڪرو، ماٺو، ڳڻتين کان آجو.

unworth (اَن ورٿ) **n** lack of worth; unworthy. حيثيت نہ رکندڙ، بي وقعت، نالائق، ڪميڻو، ناقابل، اپاتر، اجوڳ، بي ملهو، نڪمو، نالائق، ڪميري جو، ٿڙي ٿامڻي يا ڪميڻي.

unworthy (اَن ورڊي) **adj** not worthy; worthless; unbecoming; discreditable; undeserved. حيثيت نہ رکندڙ، بي وقعت، نامناسب، غير مناسب، نالائق، ڪميڻو، ناقابل، اپاتر، اجوڳ، ڪميري جو، نڪمو.

unwound (اَنِ ونونڊ) **adj** not wound or wound up. اڻ ويڙهيل، کليل، اڻ وٽيل.

unwounded (اَنِ وونڊڊ) **adj** not wounded, unhurt. نقصان کان بچيل، زخمن کان بچيل، غير زخمي، ڌڪ نہ لڳل، اڻ زخمي.

unwoven (اَنِ وولڊ) **adj** not woven. اڻ ويڙهيل، اڻ وٽيل، اڻ مڙهيل، اُٽ نہ ٿيل، آڏاڻي تي اُٽ لاهہ نہ چاڙهيل.

unwrap (اَنِ رئپ) **vt** to remove wrappings from; to unroll, unwind; to become wrapped. کولڻ، ڍڪ لاهڻ، وڪڙ کولڻ، پوش لاهڻ.

unwreaked (اَنِ ريڪڊ) **adj** unrevenged. بدلو نہ ٿيل، بنا بدلي جي، پلاند نہ ٿيل.

unwreathe (اَن ريٿ) **vt.** to take out of wreathed condition. گنجهريل حالت مان ڪڍڻ، وڪڙ کولڻ.

unwrinkle (اَنِ رنڪل) **vt, vi** to smooth out from a wrinkled state. گهنج لاهڻ، ور سڌا ڪرڻ. جهريون ختم ڪرڻ، استري ڪرڻ،

unwrinkled (اَنِ رنڪلڊ) **adj** not wrinkled, smooth. استري ڪيل، گهنجن کان پاڪ، لسو، سڌو.

unwritable (اَن رٽبل) **adj.** that cannot be written. جنهن کي لکي نہ سگهجي، نہ لکڻ جهڙو، نامناسب، غير مناسب لکڻي.

unwrite (اَنِ رائٽ) **vt** to undo the writing of.. لکيل کي ميٽڻ، ڊاهڻ.

unwriting (اَنِ رائٽنگ) **adj** not writing. غير تحرير، لکت ۾ نہ آيل، ڊاٺل، ميٽيل.

unwritten (اَن رٽن) **adj** not written or reduced to writing, oral; (of a rule or law) traditional, generally accepted; containing no writing. نہ لکيل، اڻ لکيل، زباني، روايتي، واتي وٽي، (قانون، آئين، دستور) اڻ لکيل، ڪورو (پنو) سادو، لکت ۾ نہ آيل، بنا لکت جي، خالي.

unwrought (اَنِ رات) **adj** not done or worked; not fashioned, formed, composed or worked up; not mined; not tilled; undone, brought back to an original state.. ترتيب نہ ڏنل، استعمال ۾ نہ ايل، نہ ٺاهيل، مڪمل نہ ڪيل، اڌورو، نامڪمل، نہ کوٽيل، (کاڻ)، اڻ کيڙيل، (زمين)، ڊاٺل، بگاڙيل، اصلي حالت ۾ آندل.

unyeaned (اَن يينڊ) **adj** unborn. نہ ڄايل، نہ پيدا ٿيل، اڻ ڄاول، ڄنمر نہ ورتل.

unyielding (اَنِ ييلڊنگ) **adj** not yielding; stiff; obstinate.. سخت، ضدي، آمڙ، مٽر، اَڙل، ڪاهوڙو، پڪو، پختو، اوکو، هوڏي، ٺر، اٿولو، شدتي، لچس، لرجو، اهنڊ.

unyoke (اَنِ يوڪ) **vt, vi** to loose from a yoke or harness; to set free; to disjoin; to unyoke an animal; to cease work. آزاد ڪرڻ، کولڻ، بند لاهڻ، زنجير کولڻ، ليٽر ڪڍڻ، جانور کي کولڻ، ڪم بند ڪرڻ، جوڙ جدا ڪرڻ، پانڃاري ڪڍڻ يا لاهڻ، ڪنوالي هٽائڻ، ڪنڌات مٿائڻ.

unyoked (اَن يوڪڊ) **adj** not yoked or harnessed, free from yoke or harness, unrestrained, ليٽرن ۾ نہ پيل، اڻ روڪيل، اڻ بنديل، اڻ رنڊيل، آزاد، کليل، بي روڪ ٽوڪ، بنا جهل پل، بنا پاڃاري، ڪنوات يا ڪنڌات جي.

unzip (اَنِ زپ) **vt** unfasten the zip of (پينٽ يا پتلون جي) زپ کولڻ.

unzoned (اَنِ زونڊ) **adj** not in or divided into zones; ungirt. طبقن ۾ نہ ورهايل، حصن ۾ نہ ورهايل، علائقي وار ورهاست نہ ٿيل، مرڪزي طور هڪ.

up (اپ) **adv, adj** in, to or toward a higher place, level or state; aloft; on high; towards a centre (such as a capital, great town or university); in residence, at school or college; northward; to

windward; in or to a more erect position or more advanced stage of erection; out of bed; on horseback; in an excited state; in revolt; with increased vigour, intensity or loudness; afoot; amis into prominence, notice or consideration; forward for sale; in or into court; into custody, keeping in possession; away in a receptacle, place of storage or lodging (such as a sheath, purse or stable); ahead in scoring; into closed or compact state, together; to a total; in, near or towards arrival, overtaking or being abreast; as far as; all the way; to a standstill; at an end; to a finish; thoroughly, completely, fully; well informed, versed; placed, going or directed up; top; risen; (of time) ended; having gained so many more holes than an opponent.مٿي، حالت ۾ يا سطح تي، مٿاهين ڏانهن، مٿاهين طرف، مٿاهون، تائين، اوچ تي، سڌو مٿي، بلنديءَ تي، هنڌ مان اٿيل، ڪجهه چوڻ لاءِ ڪڙو، فساد جي حالت، (طوفان) لڳو (آهي)، (اڪيهه) چڙهيل، وڏو شهر، مرڪز، مرڪزي شهر، مرڪزي علائقي طرف، وڏي يونيورسٽي ڏانهن، تعليمي ادارو، اتر طرف، هوا طرف، هوا رخ، گهر ۾، اسڪول يا ڪاليج ۾ رهائش پذير، هاسٽل ۾ رهندڙ، ، بيٺل حالت ۾، آيو، هنڌ يا بستري کان ٻاهر، (گهوڙي تي) سوار، جوش ۾، ڪاوڙ ۾، غصي ۾، وڌيل قوت سان، باغي، ڏڦيڙي، تمام گهڻي قوت سان، تيز، وڏي آواز ۾، هلندڙ، چالو، ظاهر ٿيڻ، مشهور ٿيڻ، اڳتي وڌي وڃڻ، ڌيان تي اچڻ، خبر پوڻ، اطلاع ملڻ، وڪري لاءِ موجود هجڻ، وڪري لاءِ رکڻ، وڪرو وڌائڻ، ڪورٽ آڏو پيش ٿيڻ، (معاملو) عدالت ۾ اٿارڻ، قبضي ۾ اچڻ مالڪي ڪرڻ، سانڍي رکڻ، هٿيڪو رکڻ، گدام ۾ رکڻ، سنڀالي رکڻ، (تلوار) مياڻ ۾ وجهڻ، (اسڪور ۾) اڳتي نڪري وڃڻ، وڌيڪ مارڪون ڪٽڻ، ڳوڙهو ڪرڻ، ڪهاتو ڪرڻ، جوڙ ڪرڻ، جمع ڪرڻ، گڏ ڪرڻ، ذخيرو ڪرڻ يا رهائش جي جاءِ (جهڙوڪ مسافرخانو، ٻتون، ٿيلهو، طويلو، تبيلو، گودام وغيره) ويجهو پهچڻ، منزل تي سهڙڻ، اڳتي نڪري اچڻ، اڳ وٺي وڃڻ، مڪمل، جامع، بيٺل نهڪيل، ختم ٿيل آخري حد کي رسيل، مڪمل طور، بلڪل، چالو، باخبر، خبردار، ڄاڻيندڙ، بيهاريل، خبر ڪيل، ٻڌايل، اطلاع ڏنل، مٿي ويندڙ، مٿي موڪليل، چوٽي، (وقت) پورو ٿيل، (مهلت) ختم ٿيل، (گولف راند ۾) وڌيڪ حاصل ڪيل سوراخ.

up- (اپ) **pfx** with meanings of adv, prep etc.طرف يا حرف جر جي معني ۾ استعمال ٿندڙ لفظ.

up-along (پلانگ) **adv** up the road; homeward.(رستي ۾) اڳتي، گهر طرف، گهر ويجهو.

up-anchor (اپ انئيڪر) **vi** to weigh anchor..لنگر کڻڻ. مسافريءَ تي روانو ٿيڻ.

up-and-coming (اپ اينڊ ڪمنگ) **adj** alert and pushful; likely to succeed (in a career)..هوشيار ۽ ڦوڪيندڙ، نوڪريءَ ۾ اڳتي وڌندڙ، (عهدي ۾) ترقي ڪندڙ، محنتي، اورچ.

up-and-down (اپ اينڊ ڊائون) **adj** undulating; going or working both, or alternately, up and down; downright.هيٺ مٿي، هيٺ الهن مٿي الهن، لاهيون چاڙهيون، ٿڌيون ڪوسيون، ٿابا ٿوبا، سيرايون ايرايون، ڪڙ ٻڙ، لاهي چاڙهي، غير هموار سطح.

up-and-over (اپ اينڊ اوور) **adj** (of a door) raised to a horizontal position when opened(دروازو) کليل، مٿي ڪري جهليل، چائنٽ لڳل، چائنٽيل.

up-and-under (اپ اينڊ انڊر) **n** a movement in which the ball is kicked high and forward, and the players rush to try to catch it.هيٺ مٿي، (بال) ڪڏهن هوا ۾ ته ڪڏهن پٽ تي، مٿي موڪليل، بال جيڪو ڪيچ يا جهپي سگهجي.

upas (اپاس) **n** a Javanese tree, yielding a milky sap used as arrow-poison; a Javanese tree thought to be fatal to whatever came near it; a pernicious influence, practice; the poisonous sap of upas and other trees.(جاوا جو) خطرناڪ زهر وارو وڻ، تيرن کي لڳايو ويندڙ زهريلو مادو ڏيندڙ وڻ، موتمار اثر، زهريلو پاليث، اهڙا شيءِ جيڪا تمام گهڻو نقصان ڏيندڙ هجي.

upbeat (اپ بيٽ) **n, adj** an unaccented beat, at which the conductor raises his baton; an optimistic note or mood; a promising development; cheerful; optimistic..تيز، سٺي سوچ ۽ خيال رکندڙ، وجت، وجت مٿئين سُر ۾، تيز ترقي ڪندڙ علائقو، خوش، خير انديش چڱائيءَ جي اميد رکندڙ، بهتريءَ جو گهرجائو، مثبت، خوش خلق، لطاضي.

up-bow (اپ بو) **n** (music) a movement of the bow from point towards nut over the strings.(موسيقي) تيز ۽ ڳوڙي.

upbraid (اپ بريڊ) **vt, vi, n** to reproach or chide; to adduce in reproach (against or to a person); to utter reproaches; reproach, reproof..ملامت ڪرڻ، جهڻڪڻ، تهمت مڙهڻ، ڏوراپو ڏيڻ، چنبو ڪڍڻ، ڌڪارڻ، (ڳالهه) منهن ۾ ڏيڻ، جهڙڪ، ڏوراپو، ميار.

upbray (اپ بري) **vt, n** to upbraid; to bring reproach on; an upbraiding..ملامت ڪرڻ، جهڻڪي ڏيڻ، چنبو ڪڍڻ، ڏوراپو ڏيڻ، کهٽ وڌ ڳالهائڻ، خواري ڪرائڻ، بيعزو ڪرڻ.

upbreak (اپ بريڪ) **n, vt, vi** a breakup; an outbreak; to break up or open; to break out.ٽوڙڻ، حصا ڪرڻ، کلي وڃڻ، (بيماريءَ جو) پکڙجي وڃڻ، وڌي وڃڻ، ڦهلجي وڃڻ.

upbring (اپ برنگ) **vt** to bring upمٿي آڻڻ، پالڻ، نپائڻ، پرورش ڪرڻ، سکيا ڏيڻ.

upbringing (اپ برنگنگ) **n, vt** to bring up bringing up, rearing, training, education..نيپاج، پرورش، پالنا، سکيا.

تربيت، تعلير، چاڻ ڏيڻ.

upbuild (اپ بلڊ) vt to build up.تعمير ڪرڻ، ٺاهي راس ڪرڻ.

upbuilding (اپ بلڊنگ) n building up; development; edification..ترقي ڏيارڻ ، ترقي ڪرڻ، ٺاهي تيار ڪرڻ، سڌارو، روحاني فائدو.

upburning (اپ برننگ) n flaming upward.مٿاهين برڻ، باهه تيز ڪرڻ، مچ ڪرڻ.

upbuoyance (اپ بائينس) n buoying up.همت وڌائڻ، ٽيڪ ڏيڻ، ساٿ ڏيڻ، بار ڪڍڻ، پناهه ڏيڻ، چڙها ڏيڻ.

upburst (اپ برسٽ) n a bursting upwards..مٿاهون ڦاٽندڙ، ڪنارن ڪان وهي هلندڙ، اٿلندڙ.

upby or upbye (اپ باء) adv up the way, a little farther on or up; up there; at the big house.مٿي، چڙهائيءَ تي چڙهي وڃڻ، چوليءَ واري جاء تي پهچڻ.

upcast (اپ ڪاسٽ) n, adj, vt an upward throw; an upthrow; material thrown up; an upward current of air from a mine; a shaft carrying it; a chance, accident, fluke or according to some, throw or final throw at bowls; a reproach; an upset; thrown or turned upward; to cast up.مٿي اڇلائڻ، مٿي ڪري ڦٽو ڪرڻ، هيٺ ڪان مٿي اڇلايل، هيٺ ڪان مٿي ڪٽي ويندڙ آواز، اتفاق، حادثو، موقعو، (اڃوا رانڊ پر) داء اڇلائڻ، موقعو، چنڊ، دٻ، موقعو، وڃائڻ، جوا پر هارائڻ، اونڌو ڪيل، ابتو ڪيل، (سانچي مان) ڪڍيل کاڻ مان ٻاهر نڪرندڙ ٻخار، ٻخارو جيڪو هوا کي ڪڍڻ لاء استعمال ٿئي، ناڪامي، شڪست.

upcatch (اپ ڪئيچ) vt to catch up.پڪڙڻ، جهٽڻ، ڪٺو ڪرڻ.

upcheer (اپ چيئر) vt to encourage.حوصلو ڏيارڻ، همت وڌائڻ ٻئي نڀرڻ يا ٿيڻ، همٿائڻ.

upchuck (اپ چڪ) vi, vt to vomit..الٽي ڪرڻ، قيء ڪرڻ، ابتو اچڻ.

upcoil (اپ ڪوائل) vi to coil upwards; to coil up.وڪڙ جي صورت پر مٿي ٿيندو وڃڻ، وڪڙ کائي مٿي چڙهڻ.

upcome (اپ ڪم) n produce, outcome; outward appearance of promise; decisive movement..مٿي اچڻ، مٿي اڀرڻ، پيدائش، اپت، واڌ، وعدي جي پورائي، وعدو پورو ٿيندو نظر اچڻ، عملي قدم، عملي چُر پُر.

upcoming (اپ ڪمنگ) adj forthcoming; approaching; likely to succeed.يقيني اچڻ وارو، ايندڙ، حاضر ٿيڻ لاء هڪيو ويجهو ايندڙ، نزديڪ ايندڙ، اچڻ وارو، (موقعو) ڪاميابيءَ جي اميد وارو، ڪاميابيءَ جي اميد رکندڙ، ڪاميابيءَ جوڳو.

upcountry (اپ ڪنٽري) n, adj, adv the interior, inland part; of or in the interior; in or to the interior.ڳوٺاڻو علائقو، اندريون ملڪ، اندريون علائقو، ٻهراڙيءَ وارو علائقو.

update (اپ ڊيٽ) vt, n to bring upto date; the act of bringing up to date; an updated account or version; a report or bulletin that updates..هن وقت تائين مڪمل، وقتائتو، وقت مطابق، (ڄاڻ يا معلومات) مڪمل، جامع، نيون يا تازيون خبرون (جيڪي مڪمل ۽ نئين ڄاڻ ڏين)، ڪنهن وقتي جي تازي ڄاڻ يا احوال.

updraught (اپ ڊرات) n a rising current of air.هوا جو هلندڙ ڦيرو، مٿي چڙهندڙ هوا، گرم هوا جو جهونڪو.

upend (اپ اينڊ) vt, n to set on end; to affect or alter greatly, turn upside down; to rise on end.آخر تائين آڻڻ، چيزي تي ٻيهارڻ، اونڌو ڪرڻ، ابتو ڪرڻ، آخري حد يا چيزي تي وڃي ٻيهڻ، وڏي تبديلي آڻڻ، زوردار طريقي سان اثر انداز ٿيڻ، چوٽيءَ تي ٻيهڻ، آخر پر اٿي ٻيهڻ.

upfield (اپ فيلڊ) n. in or to a position nearer to the opponents' wind of a football field.مخالف جي حد پر اچڻ (فوٽ بال راند پر) مخالفن جي چيزي جي ويجهو.

upflow (اپ فلو) n, vi an upward flowing; to stream up. مٿيون وهڪرو، وهڪرو، وهندڙ، جاري روان.

upfold (اپ فولڊ) n. an anticline.لهڻ، لاهي لهڻ، لاهيءَ واري حالت.

unfollow (ان فالو) vt to follow.پويان پوڻ، پٺيان لڳڻ، چوڻ تي عمل ڪرڻ، چيو ڪرڻ، پوئلڳي ڪرڻ.

upfront (اپ فرنٽ) adj at the front; in front; (of payments) in advance; honest, open, frank; at the front or most prominent..بلڪل ظاهر ۽ اڳيان، مصروف، سامهون، (ڏئل ر) اڳوات، ايماندار، منهن ڦٽ، سرل، منهن زور، نمايان، کليل، ظاهر ظهور، مشهور.

upgang (اپ گينگ) n ascent..مٿي وهڪري پر، چاڙهي وارو، چاڙهيڪو.

upgather (اپ گيدر) vt to gather up or together.مٿي /ڪٺا ڪرڻ، گڏ ڪرڻ، ميڙڻ، ڪٺو ڪرڻ، ڪنجڻ (ور).

upgrade (اپ گريڊ) n, adj, vt an upward slope or course; an improved upgraded piece of equipment; uphill; to raise in status quality or value; to improve (equipment or machinery) by replacing an old, out-of-date component with a new one.حيثيت وڌائڻ، رتبو وڌائڻ، درجو وڌائڻ، بلند ڪرڻ، بلند درجو، وڏو رتبو، مان چاڙهيءَ وارو، مٿاهون، اوچو، بهتر ڪيل، سڌاريل، مٿاهين چاڙهي، مٿاهون پيچرو، رستو يا ڏگ، ڪنهن مشيني يا بجليءَ تي هلندڙ سامان کي پهرين کان بهتر بنائڻ، ملهه، قدر ۽ خاصيت پر اضافو ڪرڻ.

upgrow (اپ گرو) vi to grow up..افزائش پر اچڻ، واڌ ڪرڻ، وڌڻ، واڌ ويجهه ڪرڻ.

upgrowth (اپ گروٿ) n the process of growing up, development; that which grows up; a structure that

برقرر رکڻ لاءِ خرچ ڪرڻ. استعمال ۾ ايندڙ ساز سامان. ڪپڙو لٽو يا ٻين شين تي ٿيندڙ خرچ.

unknit (اپ نٽ) vt to knit up; to bring together, reconcile, or perhaps conclude, explain or sum up. ملائڻ، اٽڻ، گڏ ڪرڻ، ناهه ڪرائڻ، مڪمل ڪرڻ، جوڙ ڪرڻ، سمجهائڻ، پرچاءُ ڪرائڻ، ميل ڪرڻ، صلحصفائي ڪرائڻ.

upland (اپ لئنڊ) n, adj inland, hilly or high-lying country; upper or high land, as opposed to meadows, river-sides; high-lying; remote; inland; rural; of the uplands. ملڪ جو مٿاهون حصو، مٿاهين زمين، مٿاهين هنڌ جو، ملڪ جا مٿيان ڀاڱا، اندريان ڀاڱا، پوٺو، اوچي زمين، بلند زمين، جابلو علائقا، مٿاهان علائقا، جابلو، ڪوهستاني علائقا، ڏورانهون، ڏيهي، اوپرو، اوڇتو، ڏاريو.

uplandish (اپ لئنڊش) adj rustic; rural; outlandish. ڳوٺاڻو، ٻهراڙيءَ جو، جت، جاهل، سادو سودو، ٻاهرتو، عجب، جهڙو، ڪڏنگو، ڳنوار.

uplay (اپلي) vt to lay up, to hoard. جمع ڪرڻ، گڏ ڪرڻ، ميڙڻ، ذخيرو ڪرڻ، سٿڻ.

uplead (اپليڊ) vt to lead up. رهبري ڪرڻ، اڳواڻي ڪرڻ، وٺي هلڻ، سونهون ٿيڻ.

uplean (اپلين) vi to rest one's weight. (ڪنهن تي) پنهنجو وزن رکڻ، ٽيڪ ڏيڻ، بار رکڻ، ٽيڪ ڏئي يا بار رکي ويهڻ.

uplift[1] (اپ لفٽ) vt to lift up, raise; to elevate; to raise to a higher moral or spiritual level; to elate; to collect (eg a parcel or passenger); draw money; to increase (eg an interim dividend). مٿي ڪرڻ، ترقي ڏيارڻ، کڻڻ، سڌارو اڻڻ، چاڙهڻ، روحانيت ۾ اڳتي ڪرڻ، همت ٻڌائڻ، کڻڻ وٺڻ (سامان يا سواري)، پئسا حاصل ڪرڻ، لفمو وڌڻ، مٿاهين اخلاقي درجي تي پهچڻ، (سواري) چاڙهڻ، وصول ڪرڻ (خط پٽ، سامان وغيره)، پيسا ڪيرائڻ (بئنڪ مان)، روحاني يا اخلاقي جذبات اڀارڻ يا انهن کي مٿي ڏيڻ.

uplift[2] (اپ لفٽ) n a lifting up, raising; upheaval; elevation, esp moral or spiritual, or the feeling of it; an increase; (of a brassiere) designed to raise the breasts higher; providing uplift, eg of a moral or spiritual kind. بغاوت، مٿاهين، هيٺ مٿاهين، افرا تفري، مٿي ڪرڻ، چاڙهي، (انگي) چاتين کي مٿي ڪندڙ يا آرهر جي سونهن وڌائيندڙ، قوت ڏيندڙ، مٿي ڪرڻ يا چڙهڻ ۾ مدد ڪرڻ، روحاني اخلاقي قوت وڌائڻ، اوچو ڪرڻ، اخلاقي ترقي، روحاني ترقي.

uplighted (اپ لائٽڊ) adj lighted up. روشني وڌايل، تيز ڪيل، ٻاريل، روشن ڪيل.

uplighter (اپ لائيٽر) n a light-fitting that throws light upwards. بتيءَ، روشني ڏيندڙ، روشني وجهندڙ، مٿي روشني وجهندڙ، کي اهڙي بيهڪ ڏيڻ جو روشني مٿي وڃي.

uplink (اپ لنڪ) n a transmitter which sends signals

has grown upward. افزائش نسل، اوچي واڌ، بلند واڌ ويجهه، جاءِ يا عمارت جيڪا مٿي نهندي (وڌندي) وڃي.

uphand (اپ هئنڊ) adj lifted by hand. هٿ ذري مٿي چاڙهڻ، هٿ سان کڻڻ، ڪنهن شي مٿي رکڻ، هٿي ڏيڻ.

upheaval (اپ هيول) n a profound, thorough or revolutionary change or movement; any large-scale disturbance or disruption; the bodily elevation of tracts of country; a heaving up. وڏي پيماني تي ايندڙ غير متوقع تبديلي، انقلابي تبديلي، افراتفري، وڏي پيماني تي گڙٻڙ يا ڦيٽارو، زمين جو مٿي چڙهي اچڻ، سامونڊي لهرن جو جوش سان مٿي اڀرڻ، ڦاڙڻ، انقلاب، لڪشيب، وڏو ڀنگتي ڦير، مٿي ڪڇڻ، مٿي کڻڻ.

uphill (اپ هل) adj, n, adv ascending; difficult; sloping up; arduous or difficult; an upward slope. تمام ڏکيو، مشڪل، لڪريءَ تي، ڏکيو، چاڙهيءَ وارو، ڪٺن.

uphoard (اپ هورڊ) vt to hoard or heap up. جمع ڪرڻ، ميڙڻ، گڏ ڪرڻ، ڍير ڪرڻ، ڍڳڙ ڻاهڻ، ذخيرو ڪرڻ، انبار ڪرڻ، سٿڻ.

uphold (اپ هولڊ) vt to hold up; to sustain; to countenance; to defend, give support to; to keep in repair or good condition; to maintain, warrant. بلند ڪرڻ، بهال ڪرڻ، قائم رکڻ، (حڪم يا فيصلو) برقرار رکڻ، مدد ڪرڻ، مٿي کڻڻ، پشتي ڪرڻ، ٽيڪو ڏيڻ، جهلڻ، جهلو ڏئي بيهارڻ، جاري رکڻ، سهارو ڏيڻ، هٿي ڏيڻ، کڻڻ، سنڀال ڪرڻ، برقرار رکڻ، چالو حالت ۾ رکڻ (جهڙوڪ موٽر وغيره)، سار سنڀال لهڻ.

upholder (اپ هولڊر) n a support or supporter; a dealer in second-hand clothes and furniture; a funeral undertaker; an upholsterer. حمايت، حامي، حمايتي، مددگار، پراڻن ڪپڙن ۽ پراڻي فرنيچر جو واپاري، پردا سينگاريندڙ، صوفا ٺاهيندڙ، گدن ٺاهڻ جو ڪم ڪندڙ، فرنيچر مهيا ڪندڙ، ڪفن دفن جو انتظام ڪندڙ.

upholster (اپ هولسٽر) vt, vi, n provide (furniture) with upholstery; furnish a room with furniture or carpets. ڪمري کي سامان سان سجائڻ، گدا ٺاهڻ، صوفي تي ڪپڙو چاڙهڻ، فرنيچر مهيا ڪرڻ.

upholsterer (اپ هولسٽرر) n one who upholsters furniture, esp professionally. گهريلو سامان مرمت ڪرڻ وارو، گهرو سامان ٺاهڻ ۽ مرمت ڪرڻ وارو ڪاريگر، پردا ٺاهڻ يا سامان تي ڪپڙو چاڙهي انکي سجائڻ وارو ڪاريگر.

upholstery (اپ هولسٽري) n textile covering padding, springs, for furniture; an upholsterer's work. ڪپڙو ۽ ٻيو سامان جيڪو گدا، صوفا، ڪرسين ۽ ٻيو گهريلو سامان ٺاهڻ ۾ ڪم ايندو آهي.

upjet (اپ جيٽ) vi to spout up. چشمي، ڦوهاري وانگر وهي هلڻ، چشمي جو ڦٽي وهڻ، ڦٽي نڪرڻ.

upkeep (اپ ڪيپ) n (the cost of) maintenance. حيثيت

up to a communications satellite.آواز يا تصوير کي مٿي موڪلڻ جو نظام (جيئن الهن جي پهچ جو دائرو خلائي سياره زريعي گهڻي علائقي تائين وڌائي سگهجي).

upload (اپ لوڊ) n transfer data esp to a larger storage device or system; a transfer of this type.ڪنهن وڏي گنجائش واري ڪمپيوٽر ۾ معلومات منتقل ڪرڻ. هڪ هنڌان ٻئي هنڌ موڪلڻ جو طريقو.

uplock (اپ لاڪ) vt to lock up.بند ڪرڻ. تالي ۾ رکڻ. جيل وجهڻ.

uplook (اپ لڪ) vi to look up; an upward look.جائزو وٺڻ. مٿي ڏسڻ. مٿاهين نظر ڪرڻ.

uplying (اپلائنگ) adj upland, elevated.مٿاهينءَ تي. مٿاهين زمين. بوٺو. بلند زمين. اوچو خطو. مٿاهون هنڌ. چوٽي.

upmake (اپ ميڪ) n the action or mode of making up; constitution (esp mental or moral); galley proofs arranged in page form.تيار ڪرڻ. ٺاهڻ. ٺاهي بيهارڻ جو عمل. بيهڪ. قطار ۾ يا سڌو ڪري بيهارڻ. (ذهني يا اخلاقي) جوڙجڪ. لاڙو يا طبيعت.

upmaking (اپ ميڪنگ) n filling-up, esp between bilge-ways and ship's bottom before launching; arrangement of lines into columns or pages.خال پرڻ. خالي جايون پرڻ. جهاز جي هلڻ کان اڳ ۾ وٽين ۾ مال پرڻ تہ (جيئن وزن برابر رهي). قطارن ۾ يا سلسيوار بيهارڻ.

upmarket (اپ مارڪيٽ) adj, adv, vt of (buying, selling or using) commodities relatively high price, quality or prestige; to make more up-market.وڏيڪ قيمتن واريون شيون رکندڙ مارڪيٽ. سٺيون يا بهتر شيون مهيا ڪندڙ دڪان يا بازار. مهانگائي ڪرڻ. شين جون قيمتون چاڙهڻ.

upon (اپان) adv on; thereon, on the surface; on the person; thereafter; close in approach.ان تي. تي. مٿان. ويجهو. پرسان. پر. اتي. مٿي. پاڳي.

upper (اپر) adj, n higher; superior; higher in rank; the part of a boot or shoe above the sole and welt; an upper tooth; a drug producing a stimulant or euphoric effect, or a pill containing such a drug..مٿاهون. اعليٰ. بالا. بالادست. برتر. صدر. مٿيون. اوچو. (بوٽ جو) مٿيون حصو. مٿيون ڏند. قوت يا جذبو وڌائيندڙ دوا. تحرڪ ڏيندڙ يا راحت ڏيندڙ طبي مادو.

upper atmosphere (اپر اٽماسفيئر) n the region of the atmosphere above about 20 miles from the earth.مٿاهون وايو منڊل.(مٿاهوليائي حلقو.) ماحول. ڌرتيءَ جي سطح کان ويهہ ميل مٿي تائين ڌرتيءَ جو ٿهہ.

upper bracket (اپر بريڪٽ) adj in an upper grouping in a list.لسٽ يا تفصيل ۾ شروعاتي داخلا. اڳ يا پهريائين ڏنل. تفصيل. شروعاتي جوڙ وارو.

upper-case (اپر ڪيس) adj (printing) literally, kept in an upper case, capital as opposed to small (of letters).انگريزي اکرن جي وڏن اکرن ۾ ڇپائي.

upper class or classes (اپر ڪلاس. ڪلاسز) n the people of the highest social rank; esp the aristocracy.اعليٰ درجي جا ماڻهو. مٿين طبقي وارا. شاهوڪار. معتبر. زميندار. جاگيردار. وڏن عهدن وارا ڪامورا.

upper crust (اپر ڪرسٽ) n the top of a loaf; the aristocracy, or the upper class or class in any society; the head; a hat..ڊبل روٽيءَ جو مٿيون سخت تهہ. مٿيون حصو. مٿيون تهہ. مٿين سطح. اعليٰ درجي وارا ڪامورا. مٿاهان ماڻهو. شاهوڪار. اشراف. شاهي. ڪنهن معاشري يا ملڪ جو مٿيون طبقو. مٿو. ٽوپلو. ٽوپي. پڳ.

uppercut (اپرڪٽ) n an upward short-arm blow.پاڻهن سان هيٺان کان ڌڪ هڻڻ. پاڻهن جو ڪاڏيءَ وارو ڌڪ.

upper hand (اپ هينڊ) n mastery, advantage..بالادستي. فوقيت. سرسي. پريلتا. برتري. فائدو. پرايت. نفعو. لاڀ.

upper house (اپر هائوس) n in a bicameral legislature, the house that is the more restricted in membership, eg House of Lords, Senate of US and other countries..ٻہ ايواني پارلياماني نظام ۾ مٿيون ايوان (سينيٽ وغيره).

uppermost (اپر موسٽ) adj, adv highest in place or rank; predominant; at or to the highest or most prominent position..اول اول. سڀ کان مٿاهون. تمام مٿيون. سڀ کان مٿي. تمام مٿاهين عهدي يا درجي وارو.

upper regions (اپر ريجنس) n the sky; heavens..آسمان. خلا. ڌرتيءَ جي مٿان جو وايون منڊل. ماحول. خلائي وسعت.

upper storey or story (اپر اسٽوري) n any storey above the first floor; the brain. ماڙي. ڇت واري جاءِ. ٻيو طبقو. دماغ.

upperworks (اپر ورڪس) n, p the upper part of a structure (of a ship above the load-line); the head..(جهاز جا) مٿيان حصا. سامان رکڻ واري جاءِ کان مٿيان حصا. مٿو. سر. راس چوٽي.

upping-block, upping-stock or upping-stone (اپر بلاڪ) n a horse block.گهوڙي تي چڙهڻ لاءِ لهيل دڪي. پٿر جنهن تي پير رکي گهوڙي تي سوار ٿجي.

uppiled (اپائلڊ) adj piled up.ڍير لڳايل. ڍير ڪيل. هڪ ٻئي مٿان سٽيل.

up-pricked (اپ پرڪڊ) adj pricked up, erected..ڪڙو ٿيل. اڀو بيٺل اڀو بيهاريل. کوڙيل.

uppish (اپش) adj self-assertive or arrogant..مغرور. تڪبر. غرور وارو. پاڻ پڏائيندڙ. هٺيلو. ٺرڙو. گهمنڊي.

uppity (اپٽي) adj uppish, snobbish.گستاخ. مغرور. پاڻ پڏائو. هٺيلو. تڪبر ڪندڙ. ٺرڙائي. گهمنڊ.

upraise (اپريز) **vt** to raise or lift up; to exalt; to excite, arouse.. مٿي ڪرڻ. ڪشڻ. ترقي ڏيڻ. تڪريم ڏيڻ. جوش ۾ آڻڻ. (جذبات) اڀارڻ. تعظيم ڪرڻ. شرف ڏيڻ. مان ڏيڻ. جاڳائڻ. هوشيار ڪرڻ. خبردار ڪرڻ.

uprate (اپريٽ) **vt** to upgrade; to increase the rate or size of. درجو وڌائڻ. قيمت وڌائڻ. ماڻ وڌائڻ. ماپ وڌائڻ.

uprear (اپ رير) **vt** to raise up; to rear up.. توجهه ڏيڻ. پالڻ. سنڀالڻ. پالنا ڪرڻ. نپائڻ.

upright[1] (اپ رائٽ) **adj** right or straight up; in an erect position; habitually honourable or righteous; honest; just; supine.. سچو. اپو. ڪڙو. ايماندار. سنئون. اجيل. سچار. سڌو. اباهو. سپتيو. سڌوڀرو. سولو. بلڪل. سچو. بلڪل پورو. راستباز. ايمانداريءَ جو. حق وارو.

upright[2] (اپ رائٽ) **n, vt, adv** an upright post, stone, stroke; a vertical member of a structure; an upright piano; verticality; an elevation; a basket-maker's tool; to set erect or right side up; vertically; honestly. بيهاريل. ڪڙو ڪيل ٿنڀ يا پٿر. ڪنهن ۾ بيهڪ يا. تڪسات جو اپو بيهاريل حصو. مٿاهون. اپ ڪپرو. ٽوڪرا ٺاهڻ وارن جو هڪ اوزار. اپو ڪري بيهارڻ. سنئون ڪرڻ. ڪڙو ڪرڻ. ايمانداريءَ سان. صحيح طرح سان.

uprighteously (اپرائٽسلي) **adv** with moral right. سچائيءَ سان. حق تي. ايمانداريءَ سان. حقي.

uprightly (اپرائٽلي) **adv** in an upright manner; honestly; vertically.. حقي طريقي سان. ايمانداريءَ سان راستبازيءَ سان. اپي يا ڪڙي بيهڪ.

uprightman (اپ رائٽ مئن) **n** a sturdy beggar, leader of a gang. ڏاڍو مستو فقير. چڱو مڙس. (ٽولي جو) اڳواڻ. رهبر. رهنما.

uprise (اپ رائيز) **n, vi** rising; to rise up; arise.. اڀرندڙ. اٿندڙ. ڪڙو ٿيندڙ. نڪرندڙ. اڀرڻ. نڪرڻ. اٿي بيهڻ. ڪڙو ٿيڻ. اٿڻ.

uprising (اپرائزنگ) **n, adj** a rising up; a violent revolt against a ruling power; which rises up or is rising up. بغاوت. افراتفري. فساد. هنگامو. اٿندڙ. (هنڌ مان) اٿڻ. اٿي ڪڙو ٿيڻ. (سج. چنڊ اڀرڻ). اڀرندڙ. شورش.

uprist (اپر سٽ) **n** rising.. بلوو. بغاوت. برخواستگي. سجاڳ. چڙهندڙ. چڙهتي ڪندڙ. اسرندڙ. اڀرندڙ. چڙهتي.

upriver (اپ رور) **adj** at or towards a point nearer the source of a river; situated or occurring upriver. واهه. ڏنهن ويندڙ. منهن طرف ويندڙ. منهن طرف بيٺل يا ٿيندڙ. اڳيارڙيءَ ۾. درياهه يا نديءَ جي شروعاتي طرف جي آسپاس يا اُن ڏانهن يا اُن طرف.

uproar (اپ رور) **n, vt, vi** loud outcry, clamour; insurrection, commotion and tumult; to throw into uproar or confusion; to make an uproar.. هنگامو. گوڙ. فساد. هل. غوغاءُ. وڪوڙ. غلغلو. ڪرڪل. افراتفري. واڪو واڪاڻ. رڙو رڙ. هل مچائڻ. گوڙ ڪرڻ. گهمسان برپا ڪرڻ.

uproarious (اپرورِيس) **adj** very noisy; provoking loud laughter. ڪل ڏياريندڙ. گوڙ ڪندڙ. گوڙ واري جڳهه. مزيدار. ڪلائڻ وارو. ڪلائيندڙ. غوغائي.

uproll (اپ رول) **vt, vi** to roll up or close; to roll upward. مٿاهين ڏانهن ڦيرائڻ. ويڙهڻ. ويڙهي مٿي ڪرڻ. مٿاهينءَ طرف ويڙهيندو يا اٿلائيندو وڃڻ.

uproot (اپروٽ) **vt** to pull up by the roots; to destroy or eradicate; to remove forcibly and completely (from eg native land). پاڙ کان ختم ڪرڻ. پاڙ پٽڻ. بنياد. ٻاهڻ. بيخ ڪڍڻ. اکيڙڻ. ناس ڪرڻ. جڙئون پٽڻ. زوريءَ لڏائڻ. تباهه ڪرڻ. آبائي وطن يا ملڪ مان بيدخل ڪرڻ. ملڪ بدر ڪرڻ.

uprootal (اپروٽل) **n** uprooting. تباهه ڪرڻ. (پاڙ ختم ڪرڻ. بنياد ٻاهي ڇڏڻ. اکيڙي ڇڏڻ.

upscale (اپ اسڪيل) **adj** up-market. مهانگو دڪان. بڏي مال جي بازار.

upset (اپ سيٽ) **vt, vi, n** to overturn, capsize; to spill or tip out; to interfere with, defeat a plan; to disconcert; to distress; to disorder (a bodily process or organ); to affect the health of a person temporarily; to thicken and shorten (metal, eg the end of a bar); to be upset; the action of upsetting or state of being upset; an upheaval or disturbance; disturbed, anxious, unhappy; (of a price) the lowest that will be accepted, at which bidding is started.. پريشان ڪرڻ. بازي الٽائڻ. اونڌو ڪرڻ. رد ڪرڻ. اٿلائڻ. ڊاهڻ. الٽ پلٽ ڪرڻ. پاڻيءَ جي جهاز يا ٻيڙيءَ جو ٻڏي وڃڻ. ڇلڪڻ (پاڻيءَ جو). اٿلڻ. دخل انداز ٿيڻ. ڦيٽارو وجهڻ. خراب ٿيڻ. هيٺ مٿي ڪرڻ. ليٽائڻ. ٻوڙڻ. ناڪامياب ڪرڻ. تنگ ڪرڻ. تڪليف ڏيڻ. ٿوري وقت لاءِ طبيعت خراب ڪرڻ. بيزار ڪرڻ. بيزاري. تڪليف. بيماري. فساد. هل هنگامو. بلوو. غوغاءُ. ناراض. پريشان. ناخوش. حيران ڏکايل. (قيمت) گهٽ ۾ گهٽ قبوليت واري. (واڪ جي) گهٽ ۾ گهٽ قيمت.

upset price (اپسيٽ پرائيس) **n** the lower price that will be accepted, at which bidding is to be started. اها رقم جتان بولي شروع ٿئي. شروعاتي قيمت (جنهن سان واڪ شروع ٿئي). گهٽ ۾ گهٽ قيمت جيڪا واڪ لاءِ رکي وئي هجي. گهٽ ۾ گهٽ قابل قبول قيمت.

upsetting (اپ سيٽنگ) **adj** causing upset; conceited, assuming; overturning; overthrow; metal-working to produce an increase in the size of part of a component; resumption, overweening assumption. پريشان ڪندڙ بيمار ڪندڙ. بيزار ڪندڙ. گهمنڊي. خود پسند. اونڌو ڪندڙ. بغاوت ڪندڙ. افراتفري ڦهلائيندڙ. پرزو وڏو ڪري ٺاهڻ. مان

وڃائڻ، شروعات . پنهنجي خيال مطابق اندازو ڪرڻ.

upshift (اپ شفٽ) **vt, n.** move to a higher gear in a motor vehicle; a movement upwards, esp a change to a higher gear. مٿي درجي ۾ آڻڻ. (گاڏي) مشينن گيئر يا گراڙيءَ ۾ وجهڻ. اڳتي هلڻ، رفتار وڌائڻ، تيز ڪرڻ.

upshoot (اپ شوٽ) **vt, vi** to shoot upward; an upshooting; that which shoots up; upshot. مٿي نشانو ولڻ، مٿي موڪلڻ، مٿي ويندڙ، نتيجو، حاصل، پڇاڙي، مٿي اسرندڙ، ايرندڙ.

upshot (اپ شاٽ) **n, adj** the outcome, final result; the conclusion of an argument; the substance, the general effect; the final shot; aim; end; shot upward. آخري نتيجو، حاصل، آخر، پڇاڙي، الت، بحث جي پڇاڙي، عام تاثر، خاتمو، مٿي موڪليل، مٿي چوڙيل، مٿي هلايل، مطلب يا نچوڙ، حاصل (ڪنهن گفتگوءَ ۾ ٿيندڙ بحث مباحثي، ڳالهين ٻولهين، تقرير يا لکڻين وغيره جو).

upside (اپ سائڊ) **n, adv** the upper side; on the upper side. مٿيرون حصو، مٿيون پاسو، مٿيون تهه، سطح، مٿاڇرو.

upside down (اپ سٽڊ ڊائون) **adv, adj** with the upper part undermost; in, or into, complete confusion; turned upside down; inverted. اونڌو، ابتو، زير زبر، الٽ، پلٽ، منجهيل، ابتو ڪيل، اونڌو ڪيل، پلٽايل، ورايل، اندر طرف موڙيل.

upsilon or **ypsilon** (اپساڻلن آر اپساڻلن) **n** the twentieth letter of the Greek alphabet, Y; shaped like an ypsilon. يوناني ٻوليءَ جو ويهون حرف يا اکر.

upsitting (اپسٽنگ) **n, adj** sitting up, esp after illness or childbirth; a reception of companions on such an occasion; sitting up at night as part of courtship; listlessness; listless. ويٺل، چاڪ، بهتر، اٿي ويهڻ (بيماري يا وير ڪاڻپوءِ)، آدرڀاءُ ڪرڻ، آدرڀاءُ وارو وقت يا موقعو، رات جو رهاڻ ڪرڻ، دل جون ڳالهيون ڪرڻ، سور ولوڙ، ڪچهري ڪرڻ، بي خبرائي، اڻ چاڻائي، ڍليل، پتڪيل، غافل، غفلت.

upspeak (اپ اسپيڪ) **vi** to begin to speak. ڳالهائڻ شروع ڪرڻ، شروعات ڪرڻ.

upspear (پسپير) **vi** (of grass) to shoot up straight like a spear. (گاهه جو) اپوڻي نڪرڻ، سلن جو ايو ٿي بيهڻ، سڌو نسرڻ.

upspring (اپسرنگ) **vi** to spring up; to come into being; a lively dance. چال مارڻ، وجود ۾ اچڻ، پيدا ٿيڻ، اسرڻ، ناچ جو قسم.

upstage (اپ اسٽيج) **adv, adj, vt** towards the back of the stage; stand-offish, superior; to treat in a supercilious manner; (of an actor) to move upstage and so force (another actor) to face away from the audience, putting him or her at a disadvantage; to divert interest or attention away from a fellow actor to oneself; generally, to outshine or draw attention away from someone or something. چبوتري جي پويان، تلهي جي پٺئين طرف، بهتر عزت ڏيڻ، تڪبر ڪرڻ. (اداڪار جو) اڳتي اسٽيج تي اچڻ ته جيئن ٻيو اداڪار جيڪو اڳيئي اسٽيج تي آهي اتان هٽي وڃي، ڌيان هٽائڻ، خيال مٽائڻ، ڌيان پاڻ طرف ڪرائڻ، (وڌيڪ) مشهوري حاصل ڪرڻ، (ڌيان) پاڻ طرف ڇڪائڻ.

upstairs (اپ اسٽيئرس) **adv, adj, n** in or toward a higher storey, or position; in the head, mentally; of or in an upper storey or flat; the part of a building above the ground floor; (the occupants, the householder or family of) the upper part of a house, as opposed to the servant's quarters in the basement. مٿين منزل، مٿيون طبقو، ڇت واري جاءِ، مٿي ۾، دماغ ۾، مٿي ماڙيءَ تي، مٿئين منزل تي، نوڪرن جي ڪوٺين جي ڀيٽ ۾ جيڪي تهخاني يا زير زمين هجن، گهر يا رهائشي جڳهه جو مٿيون حصو، مٿين طبقي تي، جاءِ جي مٿئين حصي ۾، مٿين حصي ۾ رهندڙ، ماڙيءَ وارا رهاڪو، مالڪ، گهر وارو.

upstand (اپ اسٽينڊ) **vt, n** to stand up; a turned-up edge on a horizontal or sloping plane where it adjoins a vertical plane. اٿي بيهڻ، اٿلايل، چيڙو جنهن سان ٻيو چيڙو مٿان رکي گڏيو وڃي، ايو بيهاريل چيڙو.

upstanding (اپ اسٽينڊنگ) **adj** erect; on one's feet; straight and well-built; honest and downright. ايو، ڪڙو، بيٺل، پيرن ڀر، سڌو ۽ سنئو بيهاريل، الصاف وارو، سچار، ايماندار، شريف، حق وارو الصاف ڪندڙ، سڌو ۽ مضبوط هاڻيءَ وارو، سيٽيو.

upstart (اپ اسٽارٽ) **n, adj** to start up; a person who has risen suddenly to prominence, esp one who behaves arrogantly; that is an up start; of or characteristic of an upstart. شروع ڪرڻ، نئون نواب ، پوءِ ڏاڻو، نئين مان اسريل، جنهن لءِ ڏسي ڏٺو هجي، اسهو شخص جيڪو اڻلي حالت مان اوچتو دولتمند يا اختيار وارو ٿي ويو هجي، بي بنيادو، مغرور، هٺيلو، شروع ڪندڙ، نئون نڪتل، سيڪڙات.

upstate (اپ اسٽيٽ) **adj** pertaining to a part of a state away from, and usu to the north of, the principal city of the state. رياست جو ڏورانهون حصو، ملڪ جو اتريون حصو، مٿاهون حصو، ملڪ جو اهم شهر.

upstay (اپ اسٽي) **vt** to sustain. برداشت ڪرڻ، جهلڻ، جهلي بيهڻ، پالڻ، (شڪست) ڪاٽڻ، (ڪي ايذاءَ) رسڻ، تاتڻ، لپائڻ.

upstream (اپ اسٽريم) **adv, adj, vi** against the current;

further up the stream; going against the current; relating to any of the activities which precede production, eg exploration; to stream up. وهڪري جي ابتي رخ ۾، اوپارو، چاڙهه، اٿل، اوپاري يا وهڪري خلاف ويندڙ، پيدا وار شروع ڪرڻ کان اڳ واري شروعاتي تياري، اڳواٽ عمل، جاچ جوچ، کوجنا، وهڻ شروع ڪرڻ، جاري ٿيڻ.

upstroke (اپ اسٽروڪ) **n** an upward stroke; an upward line in writing. مٿي وار ڪرڻ، مٿي ڌڪ هڻڻ، لکڻ، مٿي ڪري لکندو وڃڻ.

upsurge (اپ سرج) **vi, n** to surge up; a surging up of emotion.. مٿي ايرڻ، چاڙهه ڪرڻ، جوش ۾ اچڻ، جذبات ۾ اچڻ، جذبات پرڪڻ ۽ اُبرڻ.

upswarm (اپسوارم) **vt** to send up in a swarm. هجوم ۾ مٿي ڪرڻ، ولر ڪري اوڏڻ، ولر جي صورت ۾ موڪلڻ

upsway (اپسَوَي) **vt** to swing up. مٿي جهومائڻ، مٿي ڪڍڻ، سٽ ڏئي ڪڍڻ.

upswing (اپ سَوِنگ) **n** an upward swing; an economic recovery. مٿي چڙهندڙ، مٿي ويندڙ (جوڏيل)، (اقتصادي) حالتن جو بهتر ٿيڻ، ڪاروبار وڌڻ، وڪرو گهڻو ٿيڻ، اقتصادي حالت ۾ بهتري آچڻ.

upsy-daisy (اپسي ڊيزي) **inter j** expressing encouragement to a child who is being lifted or has fallen. همت وڌائڻ، (ٻار کي ڪرڻ کان پوءِ) اٿڻ لاءِ همٿائڻ، دل وڌائڻ، من وڌائڻ.

uptake (اپ ٽيڪ) **n, vt** the act of lifting up; a pipe or flue with upward current; the act of taking up; understanding, mental apprehension; to take up. مٿي کڻڻ، حاصل ٿيڻ، مٿي طرف وهندڙ نڙو يا ڪسي، مٿي کڻڻ جو عمل، سمجهڻ، دماغي طور قبول ڪرڻ، ذهني خدشا، سڪ شبهو، کڻي وٺڻ، حاصل ڪرڻ، اختيار ڪرڻ.

uptear (اپ ٽيئر) **vt** to pull up or out by the roots, from the base etc. پاڙون پٽڻ، پاڙن کان ڪڍڻ، نابود ڪرڻ، تباهه ڪرڻ، بنياد ڊاهڻ، ناس ڪرڻ.

uptempo (اپ ٽيمپو) **adj** played or sung at a fast tempo. تيزي سان ٿيل، تيز موسيقي، تيز تالو وڄائڻ يا ڳائڻ.

upthrow (اپ ٿرو) **vt, n** to throw up; an upheaval, uplift; the amount of vertical displacement of the relatively raised strata at a fault. پري هٽائڻ، کڻي ڇلڻ، مٿي اڇلائڻ، فساد، گوڙ، بکيڙو، افراتفري، جبل جو زلزلي ڪري مٿي نڪري اچڻ، سطح کان ٻاهر اچڻ.

upthrust (اپ ٿرسٽ) **vt** to thrust upward; an upward thrust of a fluid on an immersed body.. مٿي اڇلائڻ، مٿين طرف زور ڏيڻ، (پاڻيٺ جو) وزن ٻوڙڻ تي مٿي چڙهڻ.

upthunder (اپ ٿنڊر) **vi** to send up a noise like thunder. گجگوڙ ڪرڻ، گجگوڙ جهڙو آواز ڪڍڻ.

uptick (اپ ٽِڪ) **n.** an increase, esp a small one. هلڪو وڌڻ، معمولي وڌاءُ.

uptie (اپٽاءِ) **vt** to tie up; to conclude, to wind up.. ٻڌڻ، ويڙهڻ، ختم ڪرڻ، مڪمل ڪرڻ.

uptight (اپ ٽائٽ) **adj** tense, in a very state; angry, irritated; conventional, straight-faced. تاڻ، سخت، مضبوط، يا توَ ۾، ڪاوڙ ۾، غصي ۾، جوش ۾، چڙيل، سڌي منهن، بنا ڏيکاءَ جي، بنا ٺڳي جي.

uptill (اپٽل) **prep** upto. هيستائين، ايستائين.

uptime (اپ ٽائيم) time during which a machine esp a computer is in operation.. جنهن وقت مشين هلندڙ هجي، ڪمپيوٽر جي هلڻ يا چالو هجڻ وارو وقت، عمل ڪار حالت.

upto-date (اپٽو ڊيٽ) **adj, n.** meeting or according to the latest requirements, knowledge or fashion; modern.. جديد، نئين ۾ نئين شيءِ، هن وقت تائين بلڪل نئون، موجوده حالتن مطابق، نئين يا مڪمل ڄاڻ وارو، نئون نڪورو، اڄڪلهه جو، هاڻوڪو، تازو، مروج.

uptown (اپ ٽائون) **adv** (in or toward) the upper part or the residential quarters of a town. شهر جو سٺو علائقو، اندريون علائقو، رهائشي علائقو، مٿاهون علائقو، غير ڪاروباري علائقو.

uptrain (اپ ٽرين) **vt, vi** to train up, educate; a railway train proceeding towards the chief terminus. تربيت ڪرڻ، تعليم ڏيڻ، سکيا ڏيڻ، (ريل گاڏيءَ جو) مکيه اسٽيشن يا مرڪز طرف وڃڻ، مرڪز طرف ويندڙ.

uptrend (اپ ٽرينڊ) **n** upward tendency. مٿاهون رخ، اڳتي وڌڻ واري طبعيت، صلاحيت يا عادت، ترقي ڪرڻ واري خوبي.

up trilled (اپ ٽرلڊ) **adj** trilled up. ٿڙڪندڙ آواز ۾ ڳايل، ڳايل آواز جو لرزو، ڏاڍيان ڳالهاءِ يا ڪل، ٻارڙن جو ڏاڍيان چرمر ڪرڻ، پکين جو ڏاڍيان چرچر ڪرڻ.

upturn (اپ ٽرن) **n** an upheaval; a disturbance; a movement upward or towards improvement, a rise; an upturned part.. فساد، پريشاني، خلاف توقع ڳالهه، گوڙ بکيڙو، افراتفري، گوڙ شور، غوغاءُ، خچر ڪلو، بهتريءَ طرف ويندڙ، واڌارو، بهتريءَ ڏانهن لاڙو، اونڌو ٿيل حصو، اٿلايل.

upvalue (اپ ويليو) **vt** to increase the value of. قيمت وڌائڻ، مهانگو ڪرڻ، ملهه وڌائڻ.

upward (اپ ورڊ) **adj, adv** towards what is higher, superior, larger in amount; more important or earlier; moving, extending, pointing or leading upward.. وڏي حيثيت ڏانهن ويندڙ، مٿي، مٿيرو، کان مٿي، کان وڌيڪ، مٿين طرف، زياده مٿي ويندڙ، وڌندڙ، هلندڙ، چرندڙ، ڦرندڙ، اوچو، بلند، وڏي مقدار ۾، وڌيڪ اهم، ڊگهيرل، بلنديءَ ڏانهن اشارو ڪندڙ يا رهه ڏيکاريندڙ.

upwardly (اپ ورڊلي) **adv** in an upward direction.مٿين طرف ڀر. مٿاهين؛ طرف.

upwardly mobile (اپ ورڊلي موبائيل) **n** able or aspiring to advance socially or professionally.سماجي طور اڳتي وڌڻ وارو. ترقي ڪرڻ وارو. ترقي ڪندڙ. اڳتي وڌندڙ. مٿين طرف ويندڙ. مٿين درجي لاءِ ڪوشان. ڪاروبار يا ڌنڌي ۾ اڳتي وڌڻ جي تمنا ڪرڻ جي اهليت يا صلاحيت رکندڙ.

upward mobility (اپر وارڊ موبلٽي) **n** the desired state of the upwardly mobile, those people moving or attempting to move, to a higher social rank or position of .مٿين طرف چرڻ وارو. مٿي ويندڙ. (وڌيڪ. ترقي ڪندڙ. مٿاهين درجي ۾ ويندڙ. اتاهين درجي تي پهچڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ. وڏي عهدي يا سماجي مرتبي ماڻڻ لاءِ ڪوششون ولندڙ ماڻهن جو طبقو.

upwarp (اپ وارپ) **n** an anticline. چاڙهي. اتاهين. مٿاهين.

upwelling (اپ ويلنگ) **n** a welling up; the rising to the surface of nutriment-bearing water from the depths of the ocean.مٿي چڙهڻ. (کوهه) جي پاڻيءَ جو پاڻ مرادو مٿي چڙهي اچڻ. سمنڊ جي تري مان طاقت ور پاڻيءَ جو سطح تي اچڻ.

upwind (اپ ونڊ)**vt, vi** to wind up; against the direction of the wind.هو اجي مخالف رخ ۾ هلڻ. ختم ڪرڻ. پورو ڪرڻ. بند ڪرڻ (ڪاروبار يا وهنوار). وڃي اُتي پهچڻ جيڪا نہ وڃڻ جهڙي جاءِ هُجي. مٿي چاڙهڻ (جيئن موٽر جي دريءَ جو شيشو). مشيني اوزار کي ڦيرائڻ جيئن ڦولي جي چابي. گهڙيال جي چابي.

upwrought (اپراٽ) **adj.** wrought up..نهيل. ٻٺيل. ڪشيدو. جوش ۾. ڌاتن مان آرائشي يا گهرو ساز سامان جهڙوڪ چانديءَ جا زيور. لوهي ميزون. ڪرسيون. دريون. دروازا يا رستن تي جهنگلا وغيره ٺاهيل.

ur (ار) **interj.** used by speakers to fill a gap in speech, when hesitant.ڳالهائڻ يا تقرير وغيره ڪرڻ ۾ اتفاقي طور استعمال ٿيندڙ لفظ آ. ها. جي. وغيره.

ur- (ار) **pfx,** primitive, original.بنيادي. اصلي شروعاتي. پراڻي. زماني جو دقيانوسي.

urachus (اريڪس) **n** a ligament connecting the bladder with the umbilicus.مثاني ۽ دن جي ناڙي کي ملائندڙ بندي.

uracil (ارسل) **n** a form of pyrimidine present in living tissue as base of RNA.گهرڙن ۾ ملندڙ آر اين اي جو بنيادي جزو.

uraemia or uremia (يوريميا) **n** retention of waste materials normally excreted in urine in the blood.(رت ۾ خراب مادي جو ٺهلاءِ. پيشاب جو رت جي خراب مادن کي نيڪال نہ ڪرڻ.

uraeus (يُوريس) **n** the snake symbol on the headdress of Egyptian gods and kings.مصري ديوتائن يا راجائن جي پڳ يا تاج تي نانگ جي شبيهہ يا بيهڪ.

Ural (ارل) **n** a river rising in the Urals and flowing through Kazakhstan to the Caspian Sea; a mountain range running from the Arctic Ocean through Russia and Kazakhstan to the Caspian Sea.روس ۾ ان جي پر وارن ملڪن جو درياهي وهڪرو جيڪو قزاقستان مان وهي وڃي ڪئسپين سمند ۾ چوڙ ڪري، ان وهڪري لاڳو جابلو سلسلو. ارل جابلو سلسلو.

Ural-Altaic (ارل التئڪ) **adj, n** of the Ural and Altai Mountains; applied to a family of languages and their speakers; the Ural-Altaic family of languages.ارل ۽ التائي جبلن جو سلسلو. ان جابلو سلسلي ۾ رهندڙ ماڻهن جون ٻوليون.

Uralian (ايَريلين) **adj** of the Ural Mountains; of or relating to Uralic; Uralic. ارل جبلن وارو. ارل جبلن جي باري ۾.

Uralian emerald (يوريلين امرالڊ) **n** a semi-precious green garnet..ارل جبلن مان ملندڙ جواهر مادو. هيرو. زمرد. قيمتي پٿر.

Uralic (يوريلڪ) **n** a language group comprising the Finno-Ugric and the Samoyed languages; Uralian. ارل جي علائقي جون مختلف ٻوليون.

uralite (يورلائٽ) **n** an altered mineral, horn blend after augite. متايل يا سڌاريل معدني مادو. سنگ. پٿر.

Urania (يورينيہ) **n** the Muse of astronomy; a name for Aphrodite.علم فلڪيات يا نجومجي لون سُريلين ديوين مان هڪ ديوي. ديومالائي افروڊائٽ ديويءَ جو نالو. سونهن يا عشق جي ديويءَ جو نالو.

uranic (يورنئيڪ) **n** of uranium in higher valency; celestial; of the palate..يورنيم ڌاتوءَ جو سنو قسم. آسماني. فلڪي. تارونءَ جو . تارونءَ لاڳو.

uranide (يورينائڊ) **n** a transuranic element. معدني ڌاتو.

Uranin (يورين) **n** a sodium or potassium salt of fluorescein (from its fluorescence, like that of uranium glass)يورينيم وانگر روشني ڏيندڙ لوڻ. معدني مادو. بلوري. چمڪندڙ مادو.

uraninite (يوررينائيٽ) **n** pitchblende.ڪاري رنگ وارو. معدني مادو. يورينيم جو ڪچو ڌاتو.

uraniscus (يورينيسڪس) **n** the roof of the mouth..تارون. وات جي ڇت.

uranism (يورنيزم) **n** homosexuality, esp male homosexuality. هم جنسي ميل. خاص ڪري لرن يا مردن جو. لونڊي بازي. اغلام بازي.

uranite (يورينائٽ) **n** autunite; torbernite.يورينيم جي ڪچي ڌات.

uranium (يورينيم) **n** a radioactive metal (symbol u;

atomic no 92) named by Kaproth, 1789 after the recently discovered planet Uranus. يورينيم معدني مادو. ميرانجهڙي رنگ جو سخت ڌاتوي عنصر. ليو ڪلياڻي عمل ۾ ڪم ايندڙ مادو.

uranium glass (يورينيم گلاس) **n** a yellow fluorescent glass containing uranium compounds. يوريني شيشو ي بلور.

uranium hexafluoride (يورينيم هيڪسافلورائڊ) **n** a volatile compound of uranium with fluorine, used in the gaseous diffusion process for separating the uranium isotopes. هڪ اوڇتو ۽ هڪدم تبديل ٿيندڙ ڌاتوي عنصر جيڪو گئس رستي يورينيم ڌاتو حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم ايندو آهي.

uranium-lead dating (يورينيم ليڊ ڊيٽنگ) **n** a method of determining the age in years of geological material, based on the known decay rate of uranium isotopes to lead isotopes. يورينيم رستي پراڻين زميني يا ڌرتيءَ تي موجود شين جي عمر معلوم ڪرڻ يا ڪڍڻ جو طريقو.

Uranian (يورين) **adj** heavenly; of the heavens; astronomical; of the god or planet Uranus. فلڪياتي، آسماني، خلائي. يورينس گرهه يا ديوتا بابت.

urano (يورينو) **n** combining form : denoting: the sky, the heaves; the roof of the mouth, palate; uranium. آسمان، خلا، فلڪ، تارون، وات جي ڇت، وات جو مٿيون حصو. جيڪو مٿين ڏندن جي پٺيان شروع ٿي ڪاڪڙي ڪان پهريائين ختم ٿئي، سواد، ذائقو، زبان جو چسڪو. يورينيم ڌاتو.

uranography (يورينو گرئفي) **n** descriptive astronomy and mapping, esp of the constellations. فلڪيات نگاري، نجم نگاري، فلڪياتي نجوم. علم نجوم.

uranology (يورينولاجي) **n** astronomy. علم فلڪيات، فلڪيات وديا، فلڪيات وچا، ستارا شناسي.

uranometry (يورينو ميٽري) **n** astronomical measurement. فلڪ پيمائي، نجوم نقشو، آسماني پيمائش.

urano-plasty (يورينو پلاسٽي) **n** plastic surgery of the palate. تارونءَ جي سوراخ جي پلاسٽڪ جراحي.

uranoscopus (يوريني اسڪوپس) **n** the star-grazer genus of fishes. ستاري بين ماهي، رات وقت سطح يا مٿاڇري تي لڪري ايندڙ مڇين جون جنسون.

uranous (يورينس) **adj** of uranium in lower valency. هلڪو يورينيم ڌاتو.

Uranus (يورينس) **n** an old Greek god, father of Krones (Saturn) and the Titans; a planet discovered in 1781 by Herschel. يوناني ديوتا. يورينس گرهه يا سيارو، ڌارولي گرهه. شمسي نظام جو ستون گرهه جيڪو ١٧٨١ ۾ هرشل ڳولي لڌو يا دريافت ڪيو.

uranyl (يورنئل) **n** the group UO_2. معدني ڌاتو، ڌاتوي عنصر.

urao (يوريئو) **n** natron. کار شورو، ڪچو شورو.

urate (يوريٽ) **n** a salt of uric acid. پيشاب ۾ ايندڙ لوڻ جو قسم.

urban (اربن) **adj** of, situated in or belonging to a city. شهري، شهر جو، نگر جو.

urban district (اربن ڊسٽرڪٽ) **n** a thickly populated district, a subdivision of a country, administered by an urban Council. شهري علائقو، شهر جو گنجان آباد علائقو، ڳوڙهي آبادي، آباديءَ وارو علائقو، ميونسپل علائقو، بلديه جو علائقو، سڌريل علائقو. انساني ضرورتن مطابق سهوليتون مهيا ڪندڙ علائقو.

urban guerrilla (اربن گوريلا) **n** a guerrilla engaged in terrorist activities in towns and cities. شهرن اندر وگوڙ پيدا ڪندڙ، دهشت گرد، شهري دهشت گرد.

urban renewal (اربن رينيوئل) **n** the clearing and/or redevelopment of slums etc. شهري شهر اندار ڳتيل غليظ ۽ سهوليتن کان وانجهيل وستين يا آبادين جي صفائي يا نئين سر آباديءَ ۽ ترقي.

urbane (اربين) **adj** pertaining to or influenced by a city; civilized; elegant, refined; courteous; smooth-mannered. صاحب مروت، لحاظ وارو، خليق، مٺو. سڌريل، پاجهارو، سٺي سڀاءَ وارو، معتبر، لحاظي، عزت وارو، سشيل، سڄڻ، خوش اخلاق، پاوٺو، مؤدب.

urbanism (اربنزم) **n** urban character or way of life; a study of urban life. شهري ماڻهن جي اٿڻي ويهڻي ۽ چال چلت. سڌريل طريقو، ادب آداب، شهري زندگيءَ جو اڀياس.

urbanistic (اربنسٽڪ) **adj** pertaining to the planning and development of towns. شهرن جي تعمير ۽ ترقيءَ بابت (جاچ).

urbanite (اربنائٽ) **n** a person who lives in a town or city. شهري، شهر ۾ رهندڙ، سڌريل، با اخلاق، ماڻهپي وارو.

urbanity (اربنٽي) **n** the quality of being urbane; civilities; townishness, town-life. ماڻهپو، مروت، اخلاق، خوش اخلاقي، ادب وارو، سڌريل شهري زندگي، شهري سهوليتون.

urbanize (-ise) (اربنائز) **vt** to make (a district) townlike, as opposed to rural in character. شهرن کي سڌارڻ ۽ وڌائڻ، شهرن جي واڌ ويجهه.

urbanologist (اربنولاجسٽ) **n** one who studies urban conditions. شهري حالتن جو اڀياس ڪرڻ وارو (شاگرد يا ماهر).

urceolus (ارسيولس) **n** a pitcher-shaped structure, with contracted mouth, such as the sheath of some rotifers. صراحي، صراحي نما تاج گل (پولو).

urchin (ارچن) **n, adj** a mischievous child, esp a boy and esp when young and raggedly dressed; a child; a sea-urchin; a hedgehog; a deformed per-

son; a hunchback; an elf or imp; like, of the nature of or due to an urchin..لينگر، ٻار، ڇوڪرو، ڇڙو، ٻار، ٽنگ، ٽنگ، شرارتي ٻار خاص ڪري ڇوڪرو جيڪو ننڍي عمر جو هجي ۽ ڦاٺل ٽٽل ڪپڙا پهريل هُجي، ڀوت پريت، پري، ڪپڙو، ساموڻدي مخلوق. ٻي ڊولو، حرڪتي شرارتي، ساموڻدي جاهو.

urchin-shows (ارچن شوز) **n pl.** appearances of elves or goblins.پرين يا ڀوتن جو نظر اچڻ، شرارتي روحن يا جن ڪي ڏسڻ.

urchin-snouted (ارچن سنائوٽڊ) **adj** with a snout like a hedgehog. جاهي صورت، جاهي جي منهن جهڙي ٻيهڪ وارو.

urd (اڙد) **n** an Indian plant of the bean family, or its edible blackish seed. اڙد دال جو قسم، ماڻهه دال، متري.

urde, urdee, or urdy (اردي) **adj** pointed; having points. چهنبيارو، سنهي منهن وارو، نوڪي.

Urdu (اردو) **n** a Hindustani language incorporating many Persian and Arabic words, the official literary language of Pakistan.اردو ٻولي، لشڪر يا گهڻين ٻولين جي ميلاپ سان جڙيل ٻولي، پاڪستان جي سرڪاري ٻولي.

ure[1] (اري) **n** use, practice, operation..استعمال، ڪم، ڪتب، طريقو، عمل، عمل ڪاري.

ure[2] (اري) **n** the urus, an extinct wild ox.تا ڀيد يا ڻ موجود ڏڳي جي جنس وارو هڪ اڳوڻو جهنگلي ڏڳو، ڏڳن جو ابو.

ure[3] (اري) **n** an eighth of a mark; or an area of land paying so much in feu-duty.جرمن سڪي مارڪ جو اٺون حصو، زمين جي پيداوار جو اٺون حصو بطور ڍل وصول ڪرڻ.

-ure (يوري) **sfx** forming nouns denoting: action, process or result; office or function.اسم ٺاهيندڙ لفظي پوياڙي - جيڪي عمل، طريقي ڪار، نتيجي يا عهدي، عملداريءَ کي ڄاڻائين يا نشاندهي ڪن.

urea (يوريا) **n** carbamide $CO(NH_2)_2$; a substance found in mammalian urine, the chief form in which nitrogenous waste is excreted.يوريا ڀاڻ يا ڪيميائي مادو، پيشاب جو مرڪب، دائيدار ڳرندڙ نائٽروجن ڪيميائي مرڪب يا ڀاڻ (جيڪو ڳريل صورت ۾ قدرتي طور جانورن جي پيشاب ۾ به موجود آهي).

uredo (يوريڊو) **n** rust in plants; a rust-fungus in its summer stage; urticaria..ڦنگي، فطر، فطري تخمڙو، چاڪاڪو.

uredosorus (يوريڊو سورس) **n** apustule producing and containing uredo spores.ڦنگي تخمڙي آور، ڦنگي يا فطري تخمڙا پيدا ڪندڙ، ڦنگي تخمڙي دار.

uredospore (يوريڊوس پور) **n** a spore produced by rust-fungi in the uredo-stage..(ٻه مرڪز) ڦنگيائي تخمرو، فطر، تخم، ڦنگي تخم.

urena (يورينا) **n** any plant of the tropical genus of the mallow family, yielding a jute substitute..جنس، سونچل، سڻيءَ جهڙو ريشو ڏيندڙ ٻوٽو.

urent (يورنٽ) **adj** burning, stinging.ڏنگ ليش زن، ساڙيندڙ، هٿندڙ.

uresis (يوريسس) **n** urination. پيشاب سازي، پيشاب تياري.

ureter (يوريٽر) **n** a duct that conveys urine from the kidneys to the bladder or cloaca.پيشاب نلي ٻودي، پيشاب جو ناڙو، مثاني جي نڙي.

ureteritis (يوريٽرائٽس) **n** inflammation of the ureter.پيشاب نلي جي سوڄ، مثاني طرف پيشاب کڻي ايندڙ نليءَ جي سوزش.

urethra (يوريٿرا) **n** the canal by which the urine is discharged from the bladder.پيشاب نلي، مولي، ٻودي، پيشاب اندري، مردانو عضوو، مذڪر عضوو، متر دوار.

urethritis (يوريٿرائٽس) **n** inflammation of the urethra. پيشاب نليءَ جي سوزش، مثاني نلي سوڄ، موليءَ جي سوڄ.

urethroscope (يوري ٿروسڪوپ) **n** an instrument for examining the urethra.پيشاب نلي بين، مثاني نلي بين، مولي بين مرداني عضوي تپاسڻ جو اوزار.

uretic (يوريٽڪ) **adj** pertaining to, or occurring in urine. پيشاب سان واسطو رکندڙ، پيشاب ۾ ايندڙ يا لڪرندڙ، پيشاب ۾ موجود.

urge (ارج) **vt, vi, n.** to put forward (an argument; or in argument); to incite; to allege earnestly; to advise strongly; to drive, impel; to press forward, esp with earnestness, or insistence (success, an enterprise); to stimulate, excite; to hasten; to press; to be urgent or insistent; to push on; an impulse; a prompting; a strong desire or drive..ڌوڪڻ، زور رکڻ، زور ڏيڻ، استدلال ڪرڻ، پيش ڪرڻ، زور لائڻ، تنگ يا مجبور ڪرڻ، (وهٽ کي) تکو ڪاهڻ، مجبور ڪرڻ، چوڪڻ، اڪاسڻ، هُشڪائڻ، چونگڻ، پريرڻ، تاڪيد ڪرڻ، منٿون ڪرڻ، دليل طور پيش ڪرڻ، زور سان پيش ڪرڻ، اڪسائڻ، هُشي ڏيڻ، ٻچ ڪرڻ، چرچ ڪرڻ، ڪولسڻ، (حقي) الزام ڏرڻ، زوردار نمولي سان هدايت ڪرڻ، ڪڍ پوڻ، پڙڪائڻ، تحرڪ ۾ آڻڻ، ترغيب ڏيڻ، فطري جذبو يا خواهش اُڀارڻ، هُشڪارڻ، جوش جذبو.

urgency (ارجنسي) **n.** pressure of difficulty or necessity; importunity..شديد ضرورت، سخت گهرج، ترت ضرورت، تاڪيهه، چڪ، لاچاري، تنگي، سوڙهه، تاڪيد.

urgent (ارجنٽ) **adj** earnest, persistent; pressing; calling for immediate attention. بلڪل ضروري، تڪڙو، سخت (ضرورت)، ڏاڍي تڪڙ، ضروري، تاڪيدي، تمام جلدي ڏيان ڇڪائيندڙ، سوڙهه يا تنگي ڪندڙ.

-uria (يوريا) **sfx** forming nouns denoting the presence

of a substance in, or an abnormal condition of, the rune.پيشاب ۾ غير ضروري يا خراب مواد جي موجودگي ظاهر ڪندڙ لفظي پوياڙي.

urial or oorial (اوريل) **n** a Himalayan wild sheep (Punjabi).گب جانور، آڙيل جانور، ڪمرٽر ۽ همالي جبلن جو جهنگلي گهٽو، گڊ، اڙيال.

uric (يورڪ) **adj** of, obtained from or present in urine. پيشاب جو، مثاني جو، پيشاب ۾ موجود.

uricase (يوريڪيس) **n** an enzyme occurring in the liver and kidneys, which catalyses the oxidation of uric acid.جيري ۽ بڪي ۾ موجود هڪ خامرو جيڪو پيشاب ۾ تيزاب ناهي ٿو.

uric acid (يورڪ ايسڊ) **n** an acid, $C_5H_4O_3N_4$, present in urine and blood.پيشاب جو تيزاب، پيشاب ۽ رت ۾ موجود تيزابي مادو.

uriconian (يوريڪونين) **adj, vt.** of the Roman station on the site of Wroxeter in Shrop-shire; applied to the apparently Pre-Cambrian igneous rocks forming the Wrekin.روم جي هڪ پراڻي آباديءَ جا نشان، اڳوڻي پٿريلي يا ناڪرو مادي بابت.

uridine (يُريڊائن) **n** a pyrmidine nucleoside based on uracil and ribose. پند پهڻ ٿيل معدلي عنصر.

urinal (يُورينل) **n** a vessel for urine, esp one for the use of an incontinent or bed-ridden person; a sanitary fitting usu plumbed into a wall, for the use of men when urinating; a room or building having fixed receptacle(s) for use in urination; a chamber-pot. پيشاب ڪرڻ جي جاءِ يا باسڻ، منٺي، پيشاب دالي، پيشاب خالو، پيشاب گهر، پيشاب شيشي، پيشاب يا ڪاڪوس ڪرڻ جي جاءِ، ڪموڊ.

urinalysis (يوريناليسس) **n** analysis of urine, eg to detect desease. پيشاب جي طبي چڪاس.

urinant (يورينٽ) **adj** diving, head downward.منديءَ پر، پاڻيءَ ۾ لبي ڏيڻ.

urinary (يُوريئري) **adj, n** pertaining to or like urine, or the organs producing urine; a reservoir for the collection or urine, eg for manure; a urinal.پيشاب بابت، پيشاب جهڙو، متري، پيشاب خالو، پيشاب ٺاهيندڙ عضوو، پيشاب ڪرڻ جي جاءِ يا باسڻ، گردي جو، مثاني جو.

urinate (يورينيٽ) **vi** to discharge urine..پيشاب ڪرڻ، مترڻ، ريلو ڪرڻ.

urine (يُورِين) **n vi** the amber liquid produced by the kidneys, the chief means of excreting nitrogenous waste; to urinate.پيشاب، مُٽ، ريلو، موتالگو، مُترڻ، بدن جو اجايو خارجي پاڻيٺ.

uriniferous (يورينيفيرس) **adj** conveying urine.پيشاب ڪرائيندڙ، مٽ ڪرائيندڙ، پيشاب بردار.

uriniparous (يورينيپرس) **adj** producing urine.پيشاب پيدا ڪندڙ، پيشاب ٺاهيندڙ.

urinogenital (يورينوجينيٽل) **adj** pertaining jointly to urinary and genital functions or organs.پيشاب ۽ پيدائش متعلق عضون بابت، پيدائشي ۽ پيشاب ڪندڙ عضون جي عمل جي باري ۾.

urinometer (يُوري نوميٽر) **n** a hydrometer for urine. پيشاب پيما، پيشاب پرکئو، پيشب ماپو، مقياس البول.

urinous (يورينس) **adj** like or of the nature of ruine. پيشاب جهڙو، پيشاب وانگر.

urite (يوريٽ) **n** an abdominal segment..پيٽ، شڪر، شڪمي بند، شڪمي حصو.

urman (آرمن) **n** (swampy) pine forest.ڏبڻ واري علائقي جو جهنگ يا ٻيلو، پوسلي صنوبر جو جهنگ يا ٻيلو.

urn (ارن) **n,vt** a vase with rounded body, usu a narrowed mouth and often a foot, esp such a vase for ashes of the dead; hence, any repository for the dead; a monumental imitation of a burial-urn; a river-source; a vessel for water; a closed vessel with a tap and now usu with a heating device inside, for making tea or coffee in quantity; a moss-capsule; an urn-shaped object; a ballot-box; a container into which to put voting-tablets; to enclose in an urn..ڪونرو، ڪوٺري نما برتن، دلي، سُراهي، گهگهي، ڦولدان، گلدان، ڪتلي، قبر، سماڌ، چانهن کي گرم رکڻ جو ٿانوء، پاڻيءَ جو ٿانءُ، دلو، گهڙو، مٽ، منٽڪو، مڙدي جي رک رکڻ وارو مٽ يا ليو، دکي، چاڏي، دلي، گهڙي، ووٽن جي پيٽي، ٿانءَ ۾ وجهڻ، ڪوزي ۾ بند ڪرڻ.

urnful (ارن فل) **n** as much as an urn will hold..پريل ٿانءُ، پريل دلي، پريل ڪونرو، پريل برتن، اينري پريل پائيٽ يا ٻي ڪا شيءِ جيتري برتن ۾ سمائجي سگهي.

urnfield (ارن فيلڊ) **n** a late Bronze Age cemetery containing cinerary urns.گدريل وقتن جو قبرستان جنهن ۾ رک پريل ٿانءُ دفن ٿيل هُجن.

urn-shaped (ارن شيپڊ) **adj** rounded with a narrowed mouth, دلي شڪل، ليي يا ڪونري شڪل، ڪونري نما، ڪوزي نما، صراحي نما.

urning (ارننگ) **n** (esp a male) homosexual, مرد هم جنس پرست، لونڊي باز، لونڊو، لوطي.

uro- [1] (يورو) combining form: denoting urinc, لفظي اڳياڙي - پيشاب مٽ، ريلو، بول.

uro- [2] (يورو) combining form: forming-tail, posterior part, لفظي اڳياڙي - پڇ، پڇ جهڙي ٻهڪ، پنيءَ يا پڇ وارو حصو.

urochord (يوروڪارڊ) **n** anotchord confined to the caudal region, as in larval ascidians, a member of the

urod chorda, a subphylum of Chordata having a urochord in the larva, ascidians and related forms, پيشاب ڏوري. مثاني ڏوري. غير بالغ يا نابالغ جيت. جيئن جي ڪچائيءَ واري حالت ۾ بدن جي بيهڪ يا بناوت.

urochrom (يورو ڪروم) n the yellow pigment in urine, پيشاب رنگ. پيشاب ۾ موجود پيلو مادو.

urodela, urodelan or **urodele** (يوروڊلا) n p the permanently tailed amphibia, eg newts and salamanders, پڇ دار ٿيلهي جانور. پڇ ۽ ٿيلهيءَ وارن جاندارن جي جنس. پاڻيءَ ۽ خشڪيءَ جا پڇ وارا جانور (ساموڊي ساڻو. لور يا گوهه وغيره).

urogenetial (يوروجينيٽل) adj urinogenital, پيشاب تناسلي. پيشاب ۽ پيدائشي عضون جي باري ۾.

urogenous (يوروجينس) adj producing, or produced in, urine, having a function in the production and excretion of urine, پيشاب پيدا ڪندڙ. پيشاب ڪندڙ. پيشاب لاءِ عمل ڪار عضوا. پيشاب خارج ڪندڙ عضوا.

urography (يوروگرافي) n radiological examination of the urinary tract, پيشاب جي نظام ڪي ايڪسري رستي تپاس جو نظام.

urokinase (يوروڪنس) n an enzyme, found in human urine, which dissolves blood clots, used in the treatment of pulmonary embolisms, انساني پيشاب جو هڪ تخمرو جيڪو رت جي گوڙهين کي ڳاري ڇڏي ٿو ۽ ڦڦڙن يا ساهه جي نالين ۾ رت ڄمڻ واري بيماريءَ جي حالت ۾ علاج طور ڪم اچي ٿو.

urolagnia (يوروليگنيا) n sexual arousal caused by, or associated with urination or urine, پيشابي شهوت. پيشاب جي ضرورت سان گڏ شهوت جو ايرڻ.

urolith (يوروليٿ) n a calculus in the urine or the urinary tract,. پٿري. مثاني پٿري. پيشاب پٿر.

urolithiasis (يوروليٿيسز) n. the formation of uroliths, the condition caused by uroliths, پٿري پيدائش. پٿري سازي. پيشابي نظام ۾ پٿر سازيءَ جو عمل.

urology (يوررولاجي) n the branch of the medecine dealing with diseases and abnormalities of the urinary tract and their treatment, the scientific study of urine طبي علم جي شاخ جنهن جو واسطو گرن. پيشاب جي نالين. مثاني ۽ پيشاب سان لاڳاپيل ٻين سمورن جسماني عضون جي بيمارين ۽ اوڻاين سان ۽ انهن جي علاج سان هجي. علم پيشاب. علم پيشاب عضوا. علم گرده. پيشاب جي عضون جي طبي چڪاس يا ڇاڻ جو علم ۽ اڀياس.

uromere (يورومير) n an abdominal segment of an arthropod, دلب بند. پيشاب حصو. پيش شڪمي بند (جيت جو).

uropod (يوروپوڊ) n an abdominal appendage of an arthropod, esp just before the telson,. دلب پير. پڇ پير.

ڏڙ. وارو پير. پيري يا ڳنڍيل حصو. عضوو يا جزو.

uropygial gland (يورو پائجيل گلينڊ) n a gland at the base of the tail in most birds, which secretes oil used in preening, (پکين جو) دلب وارو غدود.

uropygium (يوروپائجيم) n (in birds) the rump, which supports the tail feathers, (پکين جو) پڇ وارو حصو. ڏڙ.

uroscopy (يوروسڪوپي) n diagnostic examination of urine, پيشاب بيني. پيشاب جي طبي چڪاس.

urosis (يوروسز) n disease of the urinary organs, پيشاب عضوي مرض. پيشاب جي عضون سان لڳاپيل ڪا بيماري.

urosome (يوروسم) n the tail region, جسم جو پڇ لاڳو حصو. دلب.

urostege or **urostegite** (يورو ستيج يا ستيجائٽ) n a snake's vental tail-plate, نانگ جي نانگ جو پڇ لاڳو حصو. پچڙي.

urosthenic (يوروستينڪ) adj having a tail developed for propulsion, پڇ جي اهڙي بيهڪ جا ان (جانور. مڇي. پکي وغيره) کي هلڻ ۾ مدد ڏئي.

urostomy (يوروستامي) n an artifical opening made in part of the urinary tract, with a passage constructed out through the skin or to another organ, allowing urine to be drained, پيشاب نالي جراحي. پيشاب جي بندش واري حالت ۾ پيشاب خارج ڪرڻ لاءِ ناليءَ ۾ سوراخ ڪري يا ٻئي ڪنهن عضوي جي ڪل ۾ لنڪ ڪري پيشاب کي خارج ڪرڻ.

urostyle (يورواسٽائل) n prolongation of the last vertebra in frogs, toads etc, (ڏيڏرن. چچين وغيره ۾) پڇ. ريڙهه. دلب يا پڇ واڌ.

ursa (ارسا) n the Latin name of two Constellations Ursa Major and Ursa Minor, the great and the little bear, تارن جو ميڙ. رڇ جهڙو. دب اڪبر ۽ دب اصغر تارن جا ميڙ.

ursine (ارسائن) adj of a bear, bearlike,. رڇ جهڙو. رڇ جو. رڇ بابت.

urson (ارسن) n the Canadian porcupine (Fr) ڪئناڊا جي سيڙهه جانور. خارپشت.

Ursus (ارسَس) n the bear genus, رڇ جنس جانور.

urtext (ارٽيڪسٽ) n the earliest version of a text, from which extant texts are deemed to be derived, an edition of musical score showing only the composer's own original work, not altered by subsequent editorial revision, اصلي ترتيب ڏنل مضمون يا لکڻي جنهن مان موجوده يا بعد جون لکيون ورتيون ويون هجن. بنيادي ڪتابي مواد. اصلي لکت. اصلي ترتيب ڏنل موسيقي. بناچند چاڻ جي تيار ڪيل اصلي مواد.

urtica (ارٽيڪا) n any plant of the nettle genus, giving name to the family, related or and including elms and mulberries, هڪ قسم جو ٻوٽو. ٻوٽن جنس ٻوٽو. ٻوٽن

وڻ جيئن توت.

urticaceous (ارٽيڪيسيس) **adj** like or of the nature of the nettle, of the nettle family. وچون جنس وڻ ۽ ٻوٽا. وچون۽ جهڙو، ليش وارو ٻوٽو.

urticant (ارٽيڪنٽ) **adj** stinging, irritating. ڏنگ هڻندڙ. خارش ڪندڙ، چڙائيندڙ، تنگ ڪندڙ، بيزار ڪندڙ.

urticaria (ارٽيڪيريا) **n** nettle\rash. چاپاڪو، ڏڏر، ڊبڙ، ڊڦڙ، پتي، ڏڏرجڻ، چنيءَ جو مرض.

urticate (ارٽيڪيٽ) **vt** to sting, to flog with nettles. ڏنگ هڻڻ، ڪندن يا ليشن سان ڪٽڻ، ڦٽڪا هڻڻ.

urubu (اروبو) **n** a S American vulture. ڏکڻ آمريڪا جي ڳجهه جنس پکي.

urus (ارس) **n** the aurochs. جهنگلي سانهه، جنس خزس (ڙ). رڄ ڏٻ.

urva (اروا) **n** the crab-eating mongoose of SE Asia (Nepali). نيپال جو ڪيڪڙا کائيندڙ نور جانور.

us (اس) **pron.** the objective (dative and accusative) case of we; one, oneself; me. اسان . پاڻ اسانجو، اسان کي، مون، مونکي، پاڻ کي.

usage (يوزيج) **n** use; act or mode of using; treatment; practice; custom; the normal or acceptable speech patterns, vocabulary, of a language or dialect; interest on money; four ceremonies in the celebration of the eucharist, dispute about which caused a separation of the Nonjurors into two groups. رسم، رواج، ريت، سلوڪ، استعمال، دستور، معمول، عمل، محاورو، (ٻولي) هلي چلي، ورتاءُ ٻڙ، ويترو، سرشتو، نفعو، وياج، ٻوليءَ جا عام يا قابل قبول لاڙا يا نمونا، ٻوليءَ جي لفظن جو ذخيرو.

usance (يوزنس) **n** usage; interest or lending at interest; time allowed for payment of foreign bills of exchange. استعمال، رسم، رواج، ريت، مدت، معياد، سَد، وياج، متي، مدو، ٻاهران آيل هنڊيءَ ڀرڻ جو معياد.

use[1] (يوز) **vt,vi** to put to some purpose, to avail oneself of, to employ habitually, to exercise, to treat or behave towards, to make use of a person, to take or consume (drugs or alcohol) regularly, to habituate or accustom, to observe, practise, follow; to resort to a place; to behave, comport (oneself); to be accustomed to do; to accustom oneself; to be in the habit of so doing; to resort. استعمال ڪرڻ، خرچ ڪرڻ، فائدو وٺڻ، ڪتب، فائدو وٺڻ، ڪم آڻڻ، احتياج پورو ڪرڻ، ڪم آڻڻ، ضرورت پوري ڪرڻ، رواج، استعمال ۾ آڻڻ، عادت وجهڻ، گهرج، رس، دستور ڏيڻ، چوڙ، ڪار، گَپ، غرض، پروجن، سُود، واپرائڻ، ورتاءُ ايپاس، هيسر، وهنوار ڪرڻ، هنڊڻ، واپرائڻ، چڙّڻ.

use[2] (يُوز) **n** the act of using; the state or fact of being used; an advantageous purpose for which a thing can be used; the fact of serving a purpose; usefulness; employment causing wear; a need to use; the manner of using; the power of using (eg tongue or limb); the habit of using; custom; ordinary experience; a distinctive form of public worship or service peculiar to a church or diocese; the profit derived from property; a form of equitable ownership peculiar to a church or diocese; the profit derived from property; a form of equitable ownership by which one person enjoys the profit of land, the legal title to which is vested in another in trust; interest for money. استعمال، فائدو، استفاده، استعمال جيڪو فائدي مند رهي، منافعو، ڪم ايندڙ، ڪم وارو عمل، ضرورت، سهوليت، سود مندي، فائدي مندي، مفيد هئڻ، استعمال جنهن ڪري ڪا شيءِ ڳري يا ڪُني، استعمالي ضرورت، استعمال جو طريقو، عادت، رس، رواج، نفعي جو حصو، موڙيءَ يا ملڪيت مان حاصل ڪيل نفعو يا فائدو، هيستائين اڻ ڇپيل، ڪنهن مذهبي اداري جي مالڪيءَ جو نمونو، ملڪيت کي ٻئي جي امانت ۾ ڏيڻ جو دستاويز يا قبوليت، پيسي تي وياج يا نفعو.

use-by date (يُوز باءِ ڊيٽ) the latest recommended date of use marked on the packaging of perishable food and medicines. استعمال ڪرڻ جي تاريخ، وٽ ۾ وٽ تاريخ جنهن تائين ڪا شي ڪارائتي يا استعمال لائق هجي.

useful (يوز فل) **adj** advantageous, serviceable; useful or applied arts, as opposed to fine arts; of use; producing or able to produce good results; highly creditable or efficient; useful services. فائده مند، سود مند، مفيد، مقصد لائق، نتيجو، ڏيندڙ، ڪارگر، ڪمائتو، ڪارائتو ڪتبائتو، ڪم ولد، سجايو، سڪيار ٿو، سڪمو، سارٿڪ، ڪم ڪار جو، ڪارآمد، ڪم جو، سهولت مهيا ڪندڙ، سهولت پيدا ڪندڙ، ڪارآمد سهوليتون، ضروري يا مفيد سهوليتون.

useful life (يوزفل لائيف) **n** the life which can be expected from a component before the chance of failure begins to increase. ڪنهن پرزي جي استعمالي عمر جو ماڻ جنهن ڪاپوءِ ان مان فائدي بجاءِ نقصان جو انديشو هجي.

useful load (يوزفل لوڊ) the load carried by an aircraft in addition to its own weight. هوائي جهاز ۾ پنهنجي وزن کانسواءِ کنيل واڌو وزن، ڪارائتو وزن - بار، فائديمند بار، جيئن مسافر، عملو، مسافرن ۽ عملي جو سامان، کاڌي پيتي جو سامان وغيره.

useless (يُوسليس) **adj** having no use; not answering any good purpose or the end proposed; weak, poor, ineffectual. لڪار، لڪارو، ناڪام، فضول نڪمو، اجايو، ڪين ٿيو، بيڪار، اڪيار ٿو، ورٿو، رائيگان، وٿو، ڪمزور، ناڪارو، بي اثر، غير اثرائتو.

user (يوزر) **n** one who uses; one who takes drugs, a

drug addict; continual enjoyment of a right; a right established by long use. استعمال ڪندڙ. ڪم آڻيندڙ. واپرائيندڙ. نشئي، عادتي، حق جي متصرفي، ڪتب آڻيندڙ. گهڻي وقت کان استعمال ڪري پيدا ٿيل حق شفا.

user-friendly (يوزرفرينڊلي) **adj** (of a computer or software item) designed to be easily understood and operable by non-specialists, guiding the user by means of clear instructions and menus; (generally, of any product) designed with the ease of the user in mind, deliberately not off-putting. (ڪمپيوٽر ۽ ان ۾ استعمال ٿيندڙ پروگرام) جيڪي اهڙي نموني ۾ ناهيل هجن جو انهن کي استعمال ڪرڻ واري کي استعمال ڪرڻ ۾ ڪنهن به قسم جي دشواري نه ٿئي ۽ پاڻ مرادو، هر ڳالهه کي آسان ڪندو وڃي. سهوليت مهيا ڪندڙ اوزار يا شيون.

usher[1] (اشر) **n** a doorkeeper; one who escorts people to seats in a hall; an officer who introduces strangers or walks before a person of rank; a minor court official responsible for keeping order; an under-teacher or assistant. دربان، چوبدار نائب ماستر. ملاقات ڪرائيندڙ. واقف ڪرائيندڙ. (دربار يا حاضريءَ ۾) اندر وٺي ويندڙ. اڳواڻي ڪندڙ. رهبري ڪندڙ. دڪاريال. عريضبيگي، خليفو. سنشن تي ويهاريندڙ (ڪنهن تقريب، ديول، سينيما هال يا ميز وغيره ۾.

usher[2] (اشر) **n.** a religious tax applicable to the extent of 5% on the produce of irrigated land and 10% on the produce of rainfed lands. عشر، زمين تي پوندڙ زڪوات والگر محصول جيڪو بارانِي زمين تي پنجون حصو ۽ واهه رستي آباد ڪيل زمين تي ڏهون حصو ٿئي ٿو.

usheress or **usherette** (اشريس آر اشريٽ) **vt** (esp in a theatre or cinema), to conduct; to show in or out; to introduce, lead upto. (سينيما وغيره ۾) وهاريندڙ مددگار عورت، وهڻ واري جاءِ تائين وٺي ويندڙ خادم يا ملازم.

usnea (اسنيا) **n** any member of the usnea genus of lichens, tree-moss. وڻن تي ٿيندڙ سينور يا ڪائي ٻوٽا.

usque ad nauseam (اسڪوي ناديئيم) **adv** to the point of disgust (L). ڪراهت واري حد تائين. نفرت واري حد تائين. (ٻهچڻ).

usquebaugh (اسڪوي با) **n** whisky. وسڪي، شراب.

ustilago (استي ليگو) **n** a genus of basidiomycetous fungi, of the family and order, the smut-fungi. جنس ڪنگياري فنگي.

ustion (اسشن) **n** burning; cauterization by burning. داغ، ساڙ، جلن. رڳ يا نس کي ساڙي بند ڪرڻ.

ustulation (استوليشن) **n** burning; roasting. خشڪ ٿيندڙ. سڪندڙ. باهه تي پچائڻ، ساڙڻ، پچڻ، ڪباب ڪرڻ.

usual (يزوئل) **adj, n** occurring in ordinary use; common; customary; one's normal health; one's habitual drink etc. دستور، عام، هميشه جو، معمولي، رواجي، ريتائتو. دستور مطابق، دستوري، مروج.

usucapion or **usucaption** (يوزوڪي پين - يوزوڪيشن) **n** the acquisition of property by long possession and enjoyment. قبضي رستي ملڪيت جو حصول.

usucapient (يوزوڪيپنٽ) **n** a person who claims or holds by usucapion. دعويٰ ڪندڙ. قبضي رستي مالڪيءَ يا قبضيداري جو دعويدار. ملڪيت ڪنهن کي ڏيڻ ته هو ان کي ڪنهن نقصان پهچائڻ کانسواءِ پنهنجي استعمال ۾ آڻي.

usucapt (يوزوڪيپٽ) **vt** to acquire by usucapion. قبضو ڪري مالڪيءَ جي دعويٰ ڪرڻ. قبضي رستي ملڪيت حاصل ڪرڻ.

usufruct (يوزوفرڪٽ) **n,vt** the right to use and profit from another's property on the condition that it remains uninjured; life-rent; to hold in usufruct. ڦل اڌ ڪار. ڦل ڀوڳ. استعمال لاءِ شيءِ ڏيڻ. اوڌر ڏيڻ. انهيءَ شرط تي ملڪيت ڪنهن کي ڏيڻ ته هو ان کي ڪنهن نقصان پهچائڻ کانسواءِ پنهنجي استعمال ۾ آڻي. مسواڙ تي ڏيڻ. پاڙي تي ڏيڻ يا وٺڻ. مقاطعي تي وٺڻ يا ڏيڻ.

usufructuary (يوزوفرڪٽري) **adj, n** one who has usufruct. ڦل اڌ ڪاري، استعمال لاءِ حاصل ڪندڙ. اوڌر تي وٺندڙ. اهو ماڻهو جو ٻئي جي پيداواري نفعي مان فائدو وٺي.

usure (ازيور) **n, vt.** interest; usuary; to practise usuary. وياج. سود. وياج يا سود جو ڪارو بار ڪرڻ.

usurer (يوزرر) **n** a money lender usu charging excessive rates of interest. بي واجبي وياج خور. ڳرو وياج کائيندڙ. گهڻو وياج وٺندڙ. بيواجبي وياج خور. ڳرو وياج وٺندڙ. لاپر. لاپ وٺندڙ. وياج جو ڪاروبار ڪندڙ.

usurp (يوزرپ) **vt,vi** to take possession of by force, without right or unjustly; to assume (the authority or place, of someone or something else); to take possession of the mind; to take or borrow a name or a word; to supplant; to practise usurpation; to encroach upon. غصب ڪرڻ. کسڻ. ڪسي وٺڻ. ناحق وٺڻ. دٻائي وهڻ. ڪرڻ. زبردستيءَ سان وٺي دٻائي رکڻ. اڌارو وٺڻ. (لفظ يا نالو) اڌارو وٺي پنهنجو ڪرڻ. بغير حق جي ۽ زبردستي وٺڻ. قابض ٿيڻ. سحر ڪرڻ. جادو ڪرڻ. دل ڦرڻ. لٽڻ يا کسڻ. ذهني طور حاوي ٿي وڃڻ.

usury (يوزري) **n** the taking of (now only iniquitous or illegal) interest on a loan; interest; money-lending. بي انتها وياج. وياج خوري. سود خوري. ڳرو وياج کائڻ. لاپ خوري. ڳري وياج تي قرض ڏيڻ وارو ڪاروبار ڪرڻ.

usus loquendi (يوزس لوڪويندا) **n** current usage of speech (L). مروج استعمال يا ٻولي. ڳالهائڻ جو مروج طريقو.

ut (اٽ) **adv, conj** as (L). جيئن. جيئن ته. جهڙو. جهڙي طرح. جلاهن. چو ته. مثلاً.

utas (اٽس) **n** the octave of a festival.. ميلي جو الون ڏينهن. ميلي کان پوءِ ايندڙ ساٺيو ڏينهن. الاس.

Ute (اٽي) **n** (a member of) a N American Indian people of Utah, Colorado and New Mexico; the Uto-Aztecan language of this people. اتر آمريڪا جي اصلي باشندن جو هڪ قبيلو جيڪي اتهه، ڪولرادو ۽ نئين ميڪسيڪو جا رهاڪو آهن. انهن قبيلن جي ٻولي.

utensil (يوٽينسل) **n** any useful or ceremonial implement, tool or vessel.. ٿانءُ، ٻاسڻ، برتن، اوزار.. ٿانءُ ٿپو، ٽادي، گندي.

uterectomy (يوٽريڪٽمي) **n** hysterectomy.. رحم جراحي، رحمي وڍ ٽڪ.

uterine (يوٽيرائين) **adj** of, in or for the uterus; (of siblings) having the same mother but a different father. رحم، گپ، رحم پيٽ، حمل، ناڙي، رحمي، ٻچيدانيءَ متعلق. رحم جو، ساڳي ماءُ پر ٻي پيءُ مان ڄاول، مادري، هڪڙي پيٽ جو. مائٽو.

uteritis (يوٽيراٽس) **n** inflammation of the womb. رحم جي سوڄ، سوزش رحم.

uterogestation (يوٽيروگيسٽيشن) **n** gestation in the womb. رحم جا ڏينهن، رحمي واڌ.

uterotomy (يوٽيروٽامي) **n** hysterotomy. رحم جراحي، ٻچي دانيءَ جي وڍ ٽڪ.

uterus (يوٽرس) **n** the womb.. ٻچيداني، ڳيهرڻ، ڳهڻ، گپ داني، رحم، گپ، حمل، کرپ آستان.

Utgard (اٽ گارڊ) **n.** the abode of the giants. ديون يا وڏي قد ٻت وارن جي رهائش واري جاءِ يا علائقو.

utile (يوٽل) **adj** useful, profitable. ڪم وارو، فائدي مند، نفعي وارو، ڪمائتو، ڪارائتو، مفيد، سجايو.

utilitarian (يوٽيليٽرين) **adj,n** consisting in, based upon or relating to utility or to utilitarianism; concerned with or based on usefulness alone, without regard to or without caring about beauty and pleasantness; someone believing in utilitarianism; someone who looks to usefulness alone. ڪارج واري، ڪارج تي منحصر يا واسطو رکندڙ. ڪارائتي عمل يا شيءِ سان واسطو رکندڙ. فائدي منديءَ جو سود وادي، اپيو گنا وادي، افاديت پسند، بنا ڪنهن سونهن سوڀيا جي ڀر عملي شيءِ کي پسند ڪندڙ. ضرورت يا عمل کي پسند ڪندڙ.

utilitarianism (يوٽليٽيرنزم) **n** the ethical theory which finds the basis of moral distinctions in the utility of actions, ie their fitness to produce happiness for the majority. اهو اخلاقي نظريو جنهن هيٺ عملي ڪارجن يا افاديت کي اخلاق جو معيار سمجهيو ويندو آهي. يعني عملي ڪارجن واري مالهن جي اڪثريت کي خوشي پهچائڻ جي صلاحيت. اپ يوگتا واد. سود وادي، اهڙا عمل جن مان حقي خوشي حاصل ٿئي.

utilitarianize (-ise) (يوٽيليٽيريناز) **vt** to make to serve a utilitarian purpose. مفيد بنائڻ، هر هڪ جي ڪم اچڻ واري حالت ۾ آڻڻ. هر مقصدي استعمال لاءِ تيار ڪرڻ.

utility (يوٽيلٽي) **n,vt** usefulness; the power to satisfy the wants of people in general; a utility program; a useful thing; a public utility, public service, or a company providing such; profit; stock or bond of public utility; a small truck, pick-up or van; produced or supplied primarily for usefulness; provided in order that the public may be supplied in spite of rise of prices; (of a breed of dog) originally bred to be useful; to serve a practical purpose. فائدي مند، نفعو، ڪم ارٿ، ڪارج، فائدو، سود، لاڀ، آپ يوگ، اپ يوگتا، ڪاپو، استعمال، ڪتب، ضروري سهوليتون، سهوليتون مهيا ڪندڙ ادارا، ڪنهن محڪمي اداري طرفان جاري ڪيل حصا يا بانڊ، هلڪي يا ننڍي گاڏي جنهن ۾ ضرورت جو شيون ڪٿي وڃي سگهجن، سهوليت خاطر سستي اگهه تي وڌي مهيا ڪرڻ، ڪتن جون جنسون جيڪي ڪار آمد نسلن وارا آهن، ضروري مقصد پورو ڪرڻ.

utility man (يوٽيلٽي مين) **n** an actor playing several important parts; a person who can be used to fill any gap, do any job; a player who can play in any of various positions as required. هڪ اداڪار جيڪو ڪيترا ضروري ۽ مکيه ڪردار ادا ڪري، اهڙو ماڻهو جيڪو ضرورت وقت هر قسم جي ڪم لائق سگهجي، هر فن مولا. رانديگر جيڪو هرهنڌ يا هر جڳهه تان کيڏي سگهي.

utility pole (يوٽيلٽي پول) **n** a pole supporting power cables, telegraph wires etc. ٿنڀو جنهن تي بجليءَ ۽ فون جون تارون گڏ لڳل هجن.

utility program (يوٽلٽي پروگرام) **n** a program in the system software designed to perform a commonplace task such as transferring data from one storage device to another or sorting a set of data. (ڪمپيوٽر ۾) اهڙو پروگرام جيڪو انگن اکرن کي ضرورت واري هنڌ آسانيءَ سان پهچائي ۽ عمل ڪار بنائي سگهي.

utility room (يوٽيلٽي روم) **n** a room, esp in a private house, where things required for the work of running the house are kept, eg a washing machine. گهر جي ڪم ڪار لاءِ استعمال ٿيندڙ شين کي رکڻ وارو ڪمرو (جتي ڪپڙن ڌوئڻ جي مشين، صابڻ، گهرو اوزار، ٻهارا، صفائيءَ جو سامان، دوائون وغيره رکجن)، گهر جي سڀ کان گهٽي استعمال واري جڳهه.

utilize (-ise) (يوٽيلائيز) **vt** to make use of, turn to use. فائدو وٺڻ، ڪم ۾ آڻڻ، ڪتب لائڻ، ڪپائڻ، استعمال ڪرڻ.

utipossidetis (يوٽاپوسيڊيٽس) **n** (in international law) the principle under which belligerents keep the territory or property they possess at the close of

hostilities unless otherwise agreed.بين القوامي قانون مطابق، جنگ واري حالت ۾ قابض طرفان قبضو ڪيل زمين يا ملڪيت کي ہاڻ وٽ رکڻ ۽ ان کي استعمال ڪرڻ جو حق، اوستائين جيستائين جنگ واري حالت ختم ٿئي.

utis (يوٽس) n clamour, din.هل، واڪو واڪاڻ، هُل، گوڙ، رڙ، رڙو مچائڻ، گوڙ ڪرڻ، لَڪا لوڪي، شور شرابو، هل هنگامو.

utmost (اٽ موسٽ) adj,n out most; last; in the greatest degree, extreme; the limit; the extreme; the most or greatest possible; the end.بيحد، نهايت، بلڪل، تمام گهڻو،حد، حتيٰ المقدور، بلڪل، پريون، بلڪل ڏورالهون، چيهه، پڇاڙي (وسون نه ڇڏيائون)، آخري امڪاني حد تائين.

Uto-Aztecan (يوٽوازٽيڪن) n a large linguistic and geographic group of N American Indians, of central and western N America, including Shoshone, Hopi, Ute and Nahutl; a person belonging to this group; of or relating to any of the peoples or their languages.اتر آمريڪا جي اصولڪن باشندن جو هڪ وڏو قبيلو يا ڪٽنب، انهن جي ٻولي، رهائشي علائقا، ان ڪٽنب يا قبيلي جو باشندو، انهن جي ٻولين جي باري ۾، باشندن جي باري ۾.

Utopia (يوٽوپيا) n an imaginary state described in Sir Thomas More's Latin political romance or satire utopia, any real or imaginary place or state believed to be ideal, perfect or excellent,اعليٰ ۾ خيالي حالتون، ملڪ يا جاءِ، ملڪ عدم، هڪ ناول مطابق خيالي رياست جتي سڀ ڪجهه موجود يا نيڪ هو، ڪوبه ڏک تڪليف يا مصيبت نه هئي، ڌرتيءَ تي بهشت، خيالي ڪمال جي جاءِ، خيالي جنت، اعليٰ ۾ خيالي ملڪ، ڪامل، بهترين، ناقابل عمل (خيال وغيره)، اتر ڪُرلو، آتم اگرهه.

Utopian (يوٽوپين) adj, n an imaginary state described in Sir Thomas More's Latin political romance or satire; an inhabitant of Utopia, someone who imagines or believes in a utopia; someone who advocates impracticable reforms or who expects and impossible state of perfection in society..ڪلپت وهمي، خيالي، خيالي دنيا ۾ رهڻ وارو، قياسي، ڌرتيءَ تي بهشت جهڙي جاءِ ۽ ان جاءِ جو رهاڪو، اهڙو ماڻهو يا اصلاح ڪار جيڪو اهڙيون شيون چاهي جيڪي نه ٿين جهڙيون هجن، پيرن ڪان پير گهرندڙ، عام پلاڪيءَ لاءِ غير عملي سڌارن جي پرچار ڪندڙ، سماج ۾ ناممڪن حد تائين بهتري چاهيندڙ.

utricle (الٽريڪل) n a little bag, bladder or cell; a bladder-like envelope of some fruits; a chamber in the inner ear.ننڍي ٿلهي، ناف، لڙير ميوي خول، ثمر پوش، ننڍڙي ٿيلهي خاص ڪري ڪن جي اندرئين حصي واري.

utricularia (الٽريڪيوليريا) n any plant of the bladderwort genus of Lentibulariaceae.ڪوڪلو ٻوٽو، ڦوڪڻي نما ٻوٽو.

utriculus (الٽريڪيولس) n a utricle.آبي ٻوٽي ڦوٽو، اندروني ڪن، ناف لڙ، ڪن ٿيلهي.

utter[1] (اٽر) adj extreme; total, absolute; out-and-out; outer..انتها، آخري، انتهائي، وڏو، تمام جو، پڇاڙيءَ، ڪمل، جوڙ حد، پڇاڙي جملو، مجموع، تمام، قطعي، ڪلي.

utter[2] (اٽر) vt,vi to speak, pronounce, give voice to; to put money in circulation; to try to pass off a forged document, as genuine or put counterfeit money into circulation; to offer for sale; to put out, emit, esp with force; to make a remark or express an opinion..چوڻ، بيان ڪرڻ، پڌرو ڪرڻ، جاري ڪرڻ، ڪڇڻ، خيال ظاهر ڪرڻ، اچارڻ، هلائڻ، الائڻ، زبان تي آڻڻ، زبان مان ڪڍڻ، (ڪوڙ) ٻولڻ، (ڪوڙا سڪا) هلائڻ، جعلي يا مصنوعي دستاويز سچو ڪري پيش ڪرڻ، محض ٻاڻيءَ کي زور سان ٻاهر ڪڍڻ، ڦوهاري وانگر وهائڻ، بلڪل، نهايت، نسورو، سروسر، اصيل، سمورو، اتينت.

utterance[1] (اٽرنس) n an act of uttering, a manner of or the power of speaking, the expression,.اچارڻ، چوڻ، تلفظ، ڳالهائڻ جي طاقت، الفاظ، ملفوظات، لهجو، گفتار، اچار.

utterance[2] (اٽرنس) n extremity, the bitter end; the utmost degree; the utmost effort or force..آخري، چيڙو، حد، پڇاڙي، آخري حربو، آخري حملو يا زور.

uttering (اٽرنگ) n the circulation eg of counterfeit notes. (ڪوڙا نوٽ) هلائڻ، مصنوعي نوٽ هلائڻ.

utterless (اٽر ليس) adj that cannot be uttered in words.جيڪو اچاري نه سگهجي، چاري نه سگهڻ جهڙو، لفظن ۾ بيان نه ڪرڻ جهڙو.

uttermost (اٽرموسٽ) n utmost..بي حد، ازحد، بلڪل ڏورالهو، نهايت، تمام پري.

utu (يوٽو) n settlement (whether monetary or in kind) of a debt; retribution, vengeance (Maori).قرض جو فيصلو، ڏيتي ليتي ڪرڻ، ختم ڪرڻ، بدلو وٺڻ، ڏٿي ولي ختم ڪرڻ، قصاص، ديت، پلاند، ادوبدو.

uva (يووا) n a grape; a grapelike berry, one formed from a superior ovary. انگور، انگور جهڙو ميوو، عناب.

uva-ursi (يووا ارسا) n bear-berry; an infusion of its leaves. ٻير، عناب، عناب يا ٻيرن جو عرق.

uvarovite (او وار وائٽ) n a green lime-chrome garnet. سائو پٿر، لمڙو، ياقوت.

uvea (يو ويا) n the posterior pigment-bearing layer of the iris of the eye; the iris, ciliary body and choroid.انگور، ٻاڪ، انگوري، اک جي ماڻڪي رنگ، اک جي ماڻڪيءَ جو تهه، ماڻڪي.

uveal or uveous (يوويل آر يووس) adj of the uvea.اک ماڻڪي رنگ لاڳو.

uveitis (يوائٽس) **n** inflammation of the iris, ciliary body and choroid.اک جي ماڻڪيءَ جي سوڄ. اک جي ماڻڪيءَ جي پردي جي سوزش. اک اتي پوڻ. اک جو اٿڻ.

uvula (يو وولا) **n** the fleshy conical body suspended from the palate over the back part of the tongue.(تارونءَ جو) ڪاڪڙو. ڳلي جو لڙڪندڙ نرم گوشت. لڙڪندڙ گوشت. زبان جي پاڙ جي مٿان ۽ ڳلي جي منهن وارو نرم گوشت.

uvular (يو وولر) **adj** of or produced by vibration of the uvula (eg the Parisian French)..لڙيءَ سان ايندڙ. ڪاڪڙي جي لڏڻ سان پيدا ٿيندڙ آواز. ٻوليون جن جو اچار ڪاڪڙي رستي ٿيو ويندو آهي جهڙوڪ پيرس شهر ۾ ڳالهائي ويندڙ فرينچ ٻولي.

uvulitis (يُولائٽس) **n** inflammation of the uvula.لڙيءَ جي سوڄ. درد ڪاڪڙو. ڪاڪڙي جي سوڄ. ڪاڪڙو لهي پوڻ.

uxorial (يوريل) **adj** of a wife.زال جو. گهر واريءَ جو. جوءِ جو.

uxoricide (يوريسائيڊ) **n** a wife-killer; wife-killing.زالن کي ماريندڙ. زال جو قاتل. زن ڪش. زن ڪشي. زال مارڻ. زال جو قتل.

uxorilocal (يوريلوڪل) **dj** (of marriage) matrilocal. (شادي) جنهن ۾ ڇوڪري پاڙي واري.

uxorious (يوريس) **adj** excessively or submissively fond of a wife..زال کي گهڻو چاهيندڙ. زال پرست. زن مريد. جويو. استري جيت. جوءِ جو مجو. زال جو پالتو. زن پرست.

Uzbeg or Uzbek (ازبيڪ. ازبيڪ) **n, adj** a member of the Turkic people of Turkestan; their language. ازبيڪ قوم جو باشندو. ۽ انهن جي ٻولي.

Uzi (ازي) **n** an Israeli sub-machinegun.ننڍي اسرائيلي مشين گن.

V

V, v (وي) the twenty-second letter of the modern English alphabet, a differentiated form of U, representing a voiced labiodental sound; an object or mark shaped like the letter; as a Roman numeral V=5, انگريزي آئيويتا جو ٻاويهون اکر. پراڻي رومن ڳڻپ جو پنجون انگ (پنجڙ).

vacancy (ويڪنسي) **n.** vacuity; emptiness; empty space; a gap; an unfilled post or situation; a room available in a motel, boarding-house; idleness, inactivity; emptiness of mind, inanity; blankness; an interval of leisure, خالي جاءِ. نوڪري يا وٿي. واندڪائي. سستي. نڪمائي. پور. خالي نوڪري. ڇڙهائي. اڪيلائي. خال. ڪرت ڪان ڇوٽڪاري جو وقت. فرصت. فراغت. واجهائي.

vacant (وَيڪنٽ) **adj.** empty; void; unoccupied; (of a period of time) not assigned to any activity, free; blankly incurious; leisure; unthinking; inane, vacuous, ڇڙهو. اڪيلو. فارغ. واندو. سکڻو. خالي. پالهو. نڪمڻو. بيڪار. بي فڪرو. بي خيالو. فراغت. (نوڪري) خالي (دماغ) خالي.

vacate (ويڪيٽ) **vt.** to make vacant; to leave unoccupied; to empty out, unload; to quit; to annul, to make useless, ڇڏائڻ. ڇڏڻ. (جاءِ) ترڪ ڪرڻ يا خالي ڪرڻ يا ڪرائڻ. بيڪار حالت ۾ ڇڏي ڏيڻ. رد ڪرڻ. قبضو ڇڏڻ. ڦٽو ڪرڻ.

vacation (ويڪيشن) **n, vi.** act of vacating; a voiding; the holidays, esp of schools, colleges, law-courts; a holiday; leisure; an intermission; recess; to take a holiday, ناتال. (اسڪول. ڪاليج. ڪورٽ جي) منداٽي ڊگهي موڪل. موڪل. تعطيل. ڇٽي. اڪيلائي. فرصت. واندڪائي.

vaccinate (ويڪسي نيٽ) **vt.** to inoculate with a vaccine, to produce immunity against a disease; immunize, ٽڪا هڻڻ. وچڙندڙ روڳن ۽ بيماريءَ کان بچاءَ طور اڳواٽ طبي امداد. ٽڪا هڻڻ. ٽڪا لڳائڻ. ٽڪا ڏيڻ.

vaccination (ويڪسينيشن) **n.** the act, art, or practice of vaccinating; inoculation with vaccine. ٽڪا. ٽڪاڏيڻ. ٽڪا هڻڻ. ٽڪا لڳائڻ. ماتا جا ٽڪا وغيره.

vaccinator (ويڪسي نيٽر) **n.** a person who administers vaccine ٽڪا ڏيندڙ. ٽڪا هڻندڙ.

vaccine (ويڪسين) **n. adj.** any antigenic preparation containing dead or attenuated micro-organisms, eg viruses or bacteria, used to confer immunity to a disease by inoculation; cowpox virus or lymph containing it, used for inoculation against smallpox; a program intended to combat a computer virus; of, or derived from, the cow; of vaccinia; of vaccination, ٽڪو. دوا (جنهن ۾ پکڙجندڙ / وچڙندڙ بيمارين جا مردار جيوڙا بچاءَ جي سگهه کي بحال ڪرڻ ۾ مدد ڏيندا آهن). نه ڏکوئيندڙ يا غير مضر. بچاءَ جي قدرتي سگهه کي ڪارائتو رکڻ واري دوا. ڳئونءَ مان حاصل ڪيل مادو. ٽڪن جو ٻج. ڪمپيوٽر مان جيوڙا ڪڍڻ جو سرشتو.

vaccinia (ويڪسينيا) **n.** cowpox; (in humans) a mild or localized reaction to inoculation with the vaccinia virus against smallpox, ماتا کان بچاءَ واري دوا جو (طبي) بد اثر. ڳئون ماتا. ڍڳي ماتا. ٽڪن هڻڻ سان معمولي ماتا اپارڻ.

vaccinium (ويڪسي نئم) **n.** any plant of the genus including cranberry, whortleberry, and cowberry, giving name to the family, ٻوٽي يا نباتاتي ڪُل منجهان. ٻوٽي جي هڪ جنس. ٻيرن جي جنسن جا ٻوٽا.

vacherin (وئشرن) **n.** a dessert made with meringue and whipped cream, usu with ice-cream, fruit, nuts etc (Fr), پسُ گڙ. منڌيل ملائي. مغزن ۽ ميون جو ڳپ. آئيس ڪريم جو نمونو. ٿڌو مٺو کاڌو.

vacillate (ويسيليٽ) **vi.** to sway to and fro; to waver; to fluctuate; to be unsteady, اڳتي پوئتي ڪرڻ. دل هڻڻ. ميسارڻ. ڪهمڻ ڦرڻ. لڏڻ. لمڻ. ٻڏڻ ترڻ. ڳٿيون کائڻ. گهوٽا کائڻ. لوڏو. ٻچتائي. ڏولائيمانُ.

vacillation (ويسيليشن) **n.** a wavering; an act of vacillating; unsteadiness, ٻڏ تر. آسترتا. جهولو. لوڏو. ٻچتائي.

vacuate (وئڪيوڪيٽ) **vt.** to empty; to evacuate; to annul, خالي ڪرڻ، ڇڏڻ، رد ڪرڻ، سڪتو ڪرڻ.

vacuity (وئڪيوٽي) **n.** emptiness; vacancy; space unoccupied; idleness, listlessness; vacancy of mind, سڪتائي، سڪتائپ، سَڃ، سُن، پور، خال، خلا، پولار.

vacuole (وئڪيول) **n.** a small cavity in a cell, containing air, fluid, ڪنهن جيو گهرڙي ۾ هوا يا پاڻيٺ جو سوراخ. عضوي جو ننڍو يا معمولي خال، سوراخ يا وٿي، ڪانچو، جيو گهرڙي خال.

vacuous (وئڪيوئس) **adj.** void; vacant; inane; blank, expressionless; foolish, empty headed; inexpressive; empty, سوراخ، اريکو، اڻاسو، اڇتيو، خالي، سڪتو، منجهيل، بي معنيٰ، بي وقوفيءَ جو.

vacuum (وئڪيوم) **n.** a space completely devoid of matter; a space from which air has been excluded as completely as possible; a space containing gas at a pressure lower than atmospheric; an emptiness or void left where something has ceased or been removed; empty space; a condition of isolation or insulation from outside forces and influences; a vacuum-cleaner; to clean with a vacuum-cleaner; relating to a vacuum; containing a vacuum; operating by means of a vacuum, هوا بند وايو، خالُ، وٿي، خالي، اليڪٽرانڪ (مشيني) بهارو، صفائي جي مشين، هوا نڪتل ٿانءُ، پوڙ، خلا، خول، پٽيل، پولار، هوا خالي، خالي ڪندڙ، صفائيءَ جي مشين سان صاف ڪرڻ، مشيني صفائي ڪرڻ.

vacuum brake (وئڪيوم بريڪ) **n.** a brake in which pressure is caused by the exhaustion of air; a brake in the working of which suction by vacuum supplements the pressure applied by the operator, esp a braking system of this type applied simultaneously throughout a train, ريل جي هوا بند بريڪ، خلا روڪ، خلائي بريڪ.

vacuum cleaner (وئڪيوم ڪلينر) **n.** an apparatus used for removing dust by means of suction, دز ڇهڻو، اليڪٽرانڪ بهارو، خلائي صفائي ڪار.

vacuum concrete (وئڪيوم ڪنڪريٽ) **n.** concrete enclosed in special shuttering which enables suction to be applied to remove excess water, پاڻيءَ ڇهائين پرتي.

vacuum distillation (ويڪيوم ڊِس ٽيليشن) **n** distillation under reduced pressure (effecting a lowering of the boiling-point). عرق ڪشي ڪرڻ، عرق ڪشيدگي.

vacuum flask (وئڪيوم فلاسڪ) **n.** an insulated flask for keeping substances hot or cold by means of a vacuum lining, هوا بند گگهي، خلائي صراحي، خالي گهگهي، گرم سرد رکندڙ برتن.

vacuum forming (وئڪيوم فارمنگ) **n.** a method or process of shaping thermoplastic by applying suction to it when warmed and placed over a mould, هوا بند سانچو، هوا بند سانچي ۾ بناوت ڪاري.

vacuum packed (وئڪم پيڪڊ) **adj.** sealed in container after partial removal of air. هوا بند سيل، خلائي برتن، ٿانءُ جنهن ۾ هوا ڪڍي پاڇي رکي بند ڪيو ويو هجي.

vacuum pump (وئڪيوم پمپ) **n.** a pump for producing a vacuum; a general term for apparatus which displaces gas against a pressure, هوا بند پمپ.

vacuum tube (وئڪيوم ٽيوب) **n.** a sealed glass tube in which a near-vacuum has been made, eg a thermionic valve, هوا بند دَنگي / دَنگ، خلا نلي، خلائي نلي.

vade (ويڊ) **vi.** to pass away; to depart; to fade. روانو ٿيڻ، اڪري وڃڻ، پار ٿيڻ، لنگهي وڃڻ، اپائجڻ، جهڪو ٿيڻ.

vade-mecum (ويڊ ميڪم) **n.** a manual; a useful handbook that one carries about with one for constant reference; a pocket-companion, جنڊ يا پاڻ سان (هر وقت) گڏ رکڻ جوڳو ڪتابڙو، انگ سنگ، ڪتابڙي، کيسي ڪتاب، چوپڙي، پاڪيٽ سائيز بوڪ.

vadose (ويڊوز) **adj,** of or relating to underground water above the water-table, زمين اندر پاڻيءَ تهہ سان لاڳاپيل، پاڻيءَ متعلق.

vagabond (ونگا بانڊ) **n, adj, vi.** a person who wanders without settled habitation; a vagrant; a scamp, a rascal; wandering to and fro; roving; without settled home; unsettled; to play the vagabond, رولو، آوارو، لفنگو، رلڻ چلڻ، جهانگيلو، رولاڪ، لفنگ، لابڙ، لولاڪر، روهہ رليو، ڦيٽهڙ، بي ٺاڪو، بي ماڳو، ڏرو، ٽلڪائو، ٽڙٽاٻڙيو، پنوار، لنبا، خانہ بدوش.

vagary (ويگري) **n.** a devious excursion; a digression or rambling; an eccentric idea or act; a whim; a freakish prank; a caprice, وسوسو، وَهَمُ، پور، خفڪان، خيال جو پٽڪڻ، پريشان خيال، چت پرم، آليل، ڪَنڌ، ترنگ.

vagile (ويگائيل) **adj.** having the ability to move about, لور، ٿرڻ، ٽلڻ، سَرَ پَر، هلندڙ چلندڙ، هلڻ لائق.

vagility (ويگيلٽي) **n.** the quality of being vagile; hence the ability to succeed in the struggle for existence, لور، ٿرڻ، سَرَ پَر، هلندڙ چلندڙ، هلي چلي گذارو ڪندڙ، جيئڻي جي جنگ جيتڻ جي سگهہ.

vagina (وجائنا) **n.** a sheath; the genital passage in women and girls and other female mammals, running from the neck of the womb to the external opening contained within the vulva; a sheathing leafbase, فرج، ٻچي دانيءَ جي نلي، زنانو شرمگاهہ، يوني، مک، ڪرپ نلي، مياڻ.

vaginal (وجائيبل) **adj.** pertaining to or like a sheath; pertaining to the vagina. لليدار بيهڪ وارو. ڳپ نليءَ بابت. فرج بابت. رحم نليءَ متعلق. ڳريي. فرج يا ٻچي دانيءَ جي باري ۾.

vaginate or **vaginated** (وجائينيٽ. وجائينيٽيڊ) **adj.** sheathed; having a sheath, ڍڪيل. ستر. غلاف دار. پوش دار. غلافي. پوشائون.

vaginicoline or **vaginicolous** (وجائينيڪولائين. وجائينيڪولس) **adj.** living in a sheath, ستردار. پوشاڪيل. غلاف باش. ڳپ باش. غلاف ۾ رهندڙ.

vaginismus (وجائينسمّس) **n.** spasmodic contraction of the vagina, فرج سَوڙ. سور جي ڪري شرمگاهه جو سسڻ.

vaginitis (وجائيناٽس) **n.** inflammation of the vagina, فرج. روڳ. ڳپ نليءَ جي سوڄ. فرج جي سوزش. درد رحم مادر. ڳرپ سوزش.

vaginula (وجائنيولا) **n.** a little sheath, esp one surrounding the base of a moss seta, فرج تهه. فرج چهه. ڳپ نليءَ جو پردو. ننڍو غلافي پردو.

vagitus (وئجائيٽس) **n.** a cry or wail, esp of a baby, ريهه (ٻار جي). ڪيهه. ڪُوڪ.

vagrancy (ويگرنسي) **n.** state or life of a vagrant; an offence of being a vagrant. رولو. بي گهر. لولاڪو. پنڻ. ڪاٺڻ. پنڪڻ. آوارگي. خانہ بدوشي.

vagrant (ويگرنٽ) **n. adj.** one who has no settled home or work; unsettled; a tramp, wanderer; wandering, roving, travelling from place to place; having no settled dwelling; inconstant; uncertain, erratic; (of plants) of straggling growth, سيلاني. جهنگلي. آديسي. رولو. خانہ بدوش. آواره. رولو نسل. مگتـــو. پينانگ. پنوار. لوهو. هلڪي اوسر وارو ٻوٽو.

vague (ويگ) **adj, n, & vi.** lacking precision or sharpness of definition; indefinite; hazy, indistinct; blurred; uncertain, indefinite; addicted to or showing, haziness of thought; a vague or indefinite state; an indefinite expanse; to be vague; to wander, مڪو. اڻ چٽو. جهانورو. (نظر ڪان) بي سُرتيو. مبهم. ابتڙيو. شڪي. اويڪت. بي سروپا. وائي بادي. اڏند (خبر).

vagus (ويگس) **n.** either of the tenth pair of cranial nerves. concerned in regulating heart beat, rhythm of breathing, ڤقرن ۽ معدي بابت. ذهين ميجالي واري تنت. دل واجي تنت. دل حرڪي تنت.

vail [1] (ويل) **vt, vi & n.** to lower, let down; to doff in salutation or submission; to lower a sail; to lift one's hat; to yield; to do homage; to go down; to abate; setting, نويي لاهڻ. آڻ سيجڻ. گهـونگهٽ. پردو. ڏن. ڏالوڻ. گهٽائڻ. گهٽايل. گوڏن ۾ جهڪڻ. ڪنڌ نوڙائڻ. سڙهه هيٺ ڪرڻ. هلڪو ٿيڻ. ڍرو ٿيڻ. فرحت ٿيڻ.

vail [2] (ويل) **vt, vi & n.** to profit; avail; a tip, perquisite, dole or bribe, لبَ. ڏالي. چيري ميري. خرچي. انعام. بخشيش. رشوت. لپ. نفعو. فائدو. سهوليت.

vain (وين) **adj.** without real value or worth; empty; futile; unavailing; thoughtless; empty-headed; pettily self-complacent; priding oneself inordinately on one's appearance, accomplishments or possessions; conceited; empty, devoid, اجايو. خسيس. خالي. پاڻ پڏاءُ. ٽرڙو. سڪٽو. ٿلهو. ٺوٺ. هلڪو. بي فائدو. ڪوڙو. هٺيلو. بيهودو. ٽڃ. آڪيارٿو. عبث. باطل. احمقائو. سڦلو. وٺرٺ. بنا ضرورت. مايا رُوپي. لاف زنيءَ جو. ٻٽاڪي. ٻڪ ٻڪيو. هوڏي.

vainglory (وين گلاري) **n, vi.** vain or empty pride in one's own performances; undue elation; idle boastfulness; to boast vainly, اڪارج. اڪارت. سڪٽو هَٺَ. ٺاٺهه. ٽرڙائي. پاڻ پڏائڻ. نڪمون.

vair (وير) **n.** a squirrel fur, bluish-grey and white, represented heraldically by rows of blue and white shields or bells, پشمي. نوريٽڙي جي کل جهڙو. وارن واري کل. چريل. پٽا پٽي.

vaire or **vairy** (ويري) **n.** charged or variegated with vair, پشمي پوش. پشم جو ڪپڙو پاٽل. پٽا پٽي پوشاڪ.

Vaishnava (ويشناوا) **n.** in Hinduism a devotee of Vishnu. هندو مت ۾ وشنوءَ جو پوڄاري. پوڄڪ. چيلو. يا مريد.

Vaisya or **Vaishya** (واڻش ياوا) **n.** a member of the third caste among the Hindus (Sans), (هندن جي) وئش ذات.

vakass (واڪاس) **n.** an Armenian ephod, لين جو جبــو ۽ ڪپڙو.

vakil or **vakeel** (وڪيل) **n.** an advocate; an Indian agent, representative, or pleader (Hindi, Arab and Urdu), وڪيل. وچوارو. پلاولو. نمائندو. گماشتو.

valance (وئلنس) **n.** a hanging short curtain or border of drapery; attached along the sides of a bed; a pelmet; a hinged panel on the side of a vehicle allowing access to the engine; a side panel on a vehicle or locomotive which partially covers a wheel or wheels and is designed to produce drag or catch splashes, چِوَ. جهالر. پلاند. پاندر. جُهل. کٽ جو چندو. انجڻ جو ڍڪ. ڦيٿن جو ڍڪ. گند روڪ جهل.

vale [1] (ويل) **n.** a valley; the world, as scene of life, trouble etc. ماٿري. وادي. جڳ. جهان. ليسر. دنيا.

vale [2] (ويل) **n. interj.** farewell (addressed to one or more than one person), الوداع چوڻ. موڪلائي (گفتگو). موڪلائيءَ جي تقرير.

valediction (وَئليڊِڪشَن) **n.** the act or an instance of bidding farewell; a farewell, مــوڪلائيءَ وقت ڳالهائڻ.

ودائي سلام، الوداع، خدا حافظ، موڪلائيءَ جو، رخصت، آسرو ڪرڻ جو.

valedictory (وئليڊڪٽري) **adj, n.** serving as a farewell; saying farewell; in the nature of a farewell; of or for a leave-taking; a farewell address given by a graduand, ڳرائڙي پائي موڪلائڻ، موڪلائڻ جي تقرير، موڪلائيءَ جو آجياڻو، ودائي، موڪلائيءَ جو.

valence (ويلينس) **n.** valance; valency; chemical bond, ڪيميائي ڳانڍاپو، ڳرفت، قوت، شڪتي، پرمالڪ ڳرهڻ شڪتي.

valency (ويلنسي) **n.** the combining power of an atom measured by the number of hydrogen (or equivalent) atoms that it can combine with or displace; the capacity expressed numerically) of a verb to combine dependent elements within a sentence, ڳرفت، ڪيمي قوت، برقي شڪتي، ڳانڍاپي سگهه، پرمائي (ايٽم) جي اهڙي خاصيت جنهن وسيلي اهو ڪنهن ٻئي ايٽم سان ڇڄي يا ڳنڍ ٿي سگهندو آهي، فعل جيڪو مختلف لفظن کي جوڙي جملي ٺاهڻ جي ڪم اچي.

valency electrons (ويلنسي اليڪٽرانس) **n.** those of the outer most shells of the atom, largely responsible for its chemical and physical properties, ڳانڍاپي وارا اليڪٽران، برقي ويلنسي.

valentine (وئلنٽائين) **n.** a person chosen on St Valentine's day, 14 Feb, as one's sweetheart; an amatory or humorous card, message or gift sent, often anonymously, that day, out of love and affection. ويلينٽائين جو ڏينهن، محبوب چونڊڻ جو ڏينهن، عشق نامو، پريم پتر، معشوق کي تحفو موڪلڻ وارو ڏهاڙو.

vale of years (ويل آف ييئرز) old age, پيرسني، پوڙهائپ، ڪراڙپ، وڏي عمر.

valerian (ولرين) **n.** the plant all-heal or other plant of the genus, which gives name to the family Valerianacease, related to the teseles; its rhizome and roots which have medicinal properties, جڙي ٻوٽي، طبي ٻوٽو، بلائي لوڻ جنس، سُنبل گل، لسبي، سنبل طيب ٻوٽو.

valerianic or valeric acid (ويلرينڪ السڊ) **n.** a fatty acid $C_5H_{10}O_2$. ويليرڪ تيزاب، سٿيو تيزاب.

valet (وئليٽ) **n. vt.** a gentleman's male servant who attends to his clothes, dressing, grooming etc; to serve or attend to as valet; to clean the interior of a car, نوڪر، خدمتگار، ٽهليو، پيش خدمت، خاص نوڪر، پانهو، غلام، چاڪر، گاڏيءَ جي اندرين حصي کي صاف ڪرڻ.

valetudinarian (ويليٽيوڊينيرين) **adj. n.** pertaining to ill-health; infirm; sickly; weak; anxious and fanciful about one's own health; a person of poor health and unduly anxious about health. سرخيل، ڏٻرو، روڳي، جهوري يا جهوراٽي، (ڪتيءَ) بر ورتل، صحت جي خرابيءَ جو شاڪي، رنجهه ڪنجهه ڪاڏو، جنم روڳي، دائم المريض.

valgus (وئلگس) **adj.** (of a hand or foot) displaced from normal alignment so as to deviate away from the midline of the body, ڳوڏا ٻاسيرو، چنگهون جهڪيل، ڪوڙيل، چيلهه وٽان خم آيل، هام ٻيهڪ ڪان هٽيل، ڪبو، ٽيڙو.

Valhalla (وئل هلا) **n.** (in Norse mythology) the place of bliss for the souls of slain heroes, بهشت، بهشت جو شهيدن لاءِ حصو، ناميارن جي سمائڻ، سورمن جو وئنڪنٺ.

vali (والي) **n.** a governor, esp of a vilayet (Turk), والي، حاڪم، راڄ ڌڻي، حڪمران، صوبائي گورنر.

valiance or valiancy (وئلينس، ويلنسي) **n.** valour; a deed of valour, بهادريءَ جو ڪارنامو، بهادري، همت، سورهيائي.

valiant (وئلينٽ) **adj, n.** brave; actively courageous; heroic; intrepid; strong; a courageous or valiant person, مڙس، سورهيه، سرويچ، مانجهي، مٿير، بهادر، دلير، مردانو، همت وارو، بهادريءَ جو، ڪڙڳ، ڪوبو، ڪونڌر.

valid (وئلڊ) **adj.** sound or defensible; legally adequate or efficacious; fulfilling all the necessary conditions; (in logic) well based, applicable; strong, جائز، سپر ماڻ، قانوني طرح اهل، پرمالڪ، پيرن تي بيٺل، پختو، قوي، مضبوط، پڪو، اڪنڊيو، درست، بحال، لائق، قائم.

validate (وئليڊيٽ) **vt.** to make valid; ratify; to confirm, substantiate, verify; to check items to ensure that they conform to input rules and fall within an acceptable range (comput); جائز سمجهڻ، جائز قرار ڏيڻ، تصديق ٿيل، اهليت جوڳو، بحال ڪرڻ، درست ڄاڻائڻ، پڪو ڪرڻ، (ڪمپيوٽر جو) ڏنل اشاري کي قبول ڪرڻ.

validation (وئليڊيشن) **n.** the act of validating, اهليت جوڳي، قانوني حيثيت بحال ڪندڙ، مضبوط ڪندڙ، پڪو ڪندڙ، پختائي.

validity (وئليڊٽي) **n.** justness; soundness; legal sufficiency. مضبوطي، پختائي، ٻلوتا، جائزگي، درستي، قطعي، واجبيت.

valine (ويلن) **n.** an amino-acid, $C_5H_{11}NO_2$, essential to health and growth in humans and vertebrate animals, امائينو تيزابن منجها هڪ تيزاب، لحمي مادو.

valise (واليز) **n.** a small overnight travelling bag; a kit-bag, ٻکري، هڙ، ٻجڪي، ڳنڍ، مورهي يا موڙي، ننڍو سفري ٿيلهو، چمڙي جي ننڍي پيٽي، چمڙي جي بئگ.

Valium ® (وئليم) **n.** a proprietary name for diazepam, a tranquillizer, سُڪون ڏياريندڙ دوا جو نالو، طبي لفظ.

Valkyrie (وئلڪري) **n.** any one of the minor goddesses who conducted the slain from the battlefield to Valhalla, ديوي، حور، پري.

vallar or vallary (وئلر - وئلري) **adj.** applied to an honorific garland bestowed in ancient Rome on the

first to mount an enemy's rampart, دشمن تي پهرين فتح حاصل ڪندڙ کي ڏنل انعام و اڪرام، هار پارائڻ.

vallecula (وئليڪيولا) **n.** a groove or furrow, وٽي، وادي، جهري، چر، لنگهه، پرگهل، گرکو، ڳڙکي.

valley (وئلي) **n.** an elongated hollow or low tract of land between hills; a stretch of country watered by a river; a trough between ridges; the hollow between two roof-slopes or between one and a wall, ماٿر، وادي، ماٿري، دڙن، سيپتا، وادي درياء، وٽي، جهري.

Vallisneria (وئلس نيريا) **n.** a tropical and subtropical genus of submerged water-plants of the frogbit family, ٻوٽو، پاڻيء جو ٻوٽو.

vallum (وئلم)**n.** a rampart; a wall of sods, earth, or other material, esp of that thrown up from a ditch, پناهه، ڪوٽ جي پٽ، بَندُ، پڪَ، مٽيء جو ڍير، پٽ.

valonia, vallonia or valonea (ولونيا) **n.** a tanning material, acrons of levantine or evergreen oak. ڪاس بلوط (ٻوٽو)، چمڙي جي صفائيء لاء ڪم ايندڙ ٻوٽو.

Valonia (ولونيا) **n.** a genus of marine green algae, forming the family Valoniaceae, سائي ڪائي، ساموڊي ڪائي، ڪاس بلوط ٻوٽو، سينٽري ٻوٽو.

valorization (s) (وئلو رائيزيشن) **n.** fixing of price, ملهه ٻڌڻ، ڪٽ، قيمت بندي، قيمت مقرر ڪرڻ، اگهه ڪرڻ.

valorize (ise) (وئل رائيز) **vt.** to raise, fix or stabilize the price by a policy imposed by a government or a controlling body, مُلهه جتاء، ملهه ٻڌ، قيمت بندي نظام.

valorous (وئلرس) **adj.** brave, valiant; intrepid; courageous. بهادر، همت ڀريو، شهزور، دلير، سورهيه، سورمو، سوڀو.

valour or valor (وئلر) **n.** intrepidity; courage; bravery; value, worth; prowess in war. سورهيائي، سرويچي، بهادري، مڙسي، سورمائي، شهزور، همت، دليري، مقابلي جي قوت.

valse (والز، والس) **n, vi & vt.** waltz (Fr), والز، فرانسيسي موسيقي، راڳداريء جو هڪ قسم.

valuable (وئليوئبل) **adj, n.** of great value or worth; of high value; a thing of value, a choice article, قيمتي، زيور، ملهائتو، فائديمند، ملهه جوڳو، وڙ، شيء، ڪارآمد، گران، اَسُلَ، قيمتي، لاڪيتو، عزيز، ڪمائتو، جوکمي مال، هزاري، جوکم.

valuate (وئليوئيٽ) **vt.** to apprise, value or evaluate, ملهه ڪٿڻ، ملهه ٻڌائڻ، اوانگاڻ، قيمت لڳائڻ، اگهه مقرر ڪرڻ.

valuation (وئليوئيشن) **n.** act of valuing; estimation of value or price; the price at which something is valued, ملهه ڪٿ، قيمت بندي، قيمت مقرر ڪرڻ، ملهه بندي، قيمت جو تخمينو.

valuator (وئليوئيٽر) **n.** one who makes valuations, an appraiser, ملهه ڪٿيندڙ، قيمت لڳائيندڙ، تخميني ڪار.

value (وئليو) **n, vt, vi.** worth; utility; importance; import; a fair equivalent; intrinsic worth or goodness; recognition of such worth; that which renders anything useful or estimable; the degree of this excellence; price; precise meaning; relative duration; relation with reference to light and shade (painting); the special determination of a quantity (math); the exact amount of a variable quantity in a particular case; the sound represented by a written symbol; moral principles, standards; to estimate the worth of; to rate at a price; to esteem; to prize; to regard; to be worth, ملهه، ياڙو، اگهه، قيمت، پاء، قدر، حساب، ناڻو، ادب، فڪر جي بها، مراد، اصولي درجو، مطلب، وٿ، معني، خوبي، اگهه ٻڌڻ، رنگن جي بيهڪ، سُرنِ جي وزن جي ترتيب، حساب ڪرڻ.

value added (وئليوايڊيڊ) **n.** the difference between the overall cost of a manufacturing or marketing process and the final value of the goods, واڌو ملهه، نفعو، منافعو، واڌُ اگهه، فائدو.

value added tax (وئليو ايڊيڊ ٽيڪس) **n.** a tax on the rise in value of product due to the manufacturing and marketing process (VAT), واڌو ملهه يا محصول اگهه، واڌو محصول، ڪٿيل قيمت تي لڳايل واڌو محصول، وڌايل، زيادهه چنگي.

value in exchange (وئليو ان ايڪسچينج) **n.** exchange value; the amount of other commodities for which a thing can be exchanged in the open market, ملهائتي متا ستا، ڏيتي ليتي، شين جي قدر مطابق ڏي وٺ.

value judgement (وئليو ججمينٽ) **n.** a personal estimate of merit in a particular respect, لبيريندڙ ملهه، حيثيت جو اندازو ڪرڻ، ملهه ڪٿڻ، مان ڏسڻ.

valueless (وئليوليس) **adj.** having no value; worthless. بي مُلهو، اجايو، ڪَمُلهو، نڪمو، بي قدرو، بيڪار، بي فائدو.

valuer or valuator (وئليوئر يا وئليوئيٽر) **n.** a person who makes valuations, an appraiser, ملهه ڪٿيندڙ، قيمت ٻڌندڙ، ماڻ لڳائيندڙ، دلال.

value received (وئليو رسيوڊ) **n.** a phrase indicating that a bill of exchange, has been accepted for a valuable consideration, ملهه وصول رسيد، قيمت جي وصوليء جي سند.

valuta (واليوٽا) **n.** the comparative value of a currency; a standard of money (Ital), معياري ملهه، ناڻي جو اگهه، سڪي جو اگهه، ناڻي جي متا ستا جو اگهه.

valve (وَالو، وَئلو) **n, vt & vi.** a leaf of a folding door; a lid for an orifice, opening one-way; a single piece forming part or the whole of a shell; one of the parts of a dry fruit separating in dehiscence; one of the three machanical devices on almost all

modern brass musical instruments, pressed down by the player so as to increase the length of the tube and thereby enable a full chromatic scale to be played; a rectifier; a thermionic device used in electronic apparatus as rectifier, amplifier, oscillator or otherwise; a leaf of a folding door; to fit with a valve or valves; to release gas through a valve from a vacuum system; hot-air balloon, منهن، بنيو، اڪ، ڍڪڻ، ڍڪڻي، طاق، جهلي، ڳرڪي، دري، پردو، پَڙ، هڪ طرف کلندڙ پرزو، گئس کولڻ وارو پرزو، سازن جي آواز کي گهٽ وڌ ڪرڻ وارو پرزو، در جو تاڪ. گرم هوا جي ڦوڪڻي ۾ هوا روڪڻ جو نظام.

valvular (وال وولر) **adj.** containing valve; of or having a valvule or valve, بنيي مُنهون، ڍڪڻي دار، ڳرڪي دار، پردي دار، ڍڪ وارو، لوليءَ يا بجيءَ سان کلڻ ۽ بند ٿيڻ وارو.

valvule (ولويول) **n.** a little valve, بنيڙو، ننڍو ڍڪڻ، ڍاڪون.

valvulitis (وئلويولائيٽس) **n.** inflammation of a valve of the heart, بنيي روڳ، دل جي هڪ پَڙ جي سوڄ (بيماري).

vambrace (ويمبريس) **n.** armour for the forearm (زره) ڪرائيءَ کان لونڊ تائين، ٻانهن ليڪ، ٻانهن جَهَلَ، ٻانهن واري زره.

vamoose or **vamose** (واموس) **vi, vt.** to depart, leave in hurry; to leave hurriedly (Sp), ترت روانگي، تڪڙو نڪرڻ، تڪڙي روانگي، اوچتو وڃڻ، جلدي وڃڻ.

vamp[1] (وئمپ) **n, vt, vi.** the upper leather of a boot; anything patched up; a simple and uninspired improvised accompaniment (music); to provide with a vamp; to repair with a new vamp; to patch up; to give a new face to; to improvise inartistically (music); to improvise crude accompaniments; to trudge, بوٽ جي اڳياڙي، جتيءَ جي پٻ جو چمڙو. معمولي يا جڙتو ساز، چتي، چتي لڳائڻ، چتي يا تڪر لڳائي مرمت ڪرڻ، ٺاهه ٺوهه ڪرڻ، ٺاهي ٺڪي رکڻ.

vamp[2] (وئمپ) **n.** a woman who attracts men sexually, then seduces and exploits them; to seduce and or exploit a man in this way, ڏوتي، ڏوتارڻ، بدڪار عورت، مرد ڦاسائيندڙ عورت.

vampire (وئمپاير) **n vt.** in E Europe folklore, a dead person believed to leave the grave so as to drink the blood of the living; a blood-sucker; an extortioner or blackmailer; a vampire-bat; a stage trap-door; to prey upon, ڏائڻ، ظالم، رت پياڪ، ڏوتي، رت چوس، رت پيندڙ لاش، رت پياڪ مردو، مال رت خور، چوڪسي رکڻ، ٻاهر کلندڙ دروازو، رت پيندڙ چمڙو، ڦوڙو، ڦڙداگير، بليڪ ميلر.

vampire bat (وئمپاير بٽ) **n.** a blood-sucking Central and South American bat; applied to various bats wrongly supposed to be bloodsuckers, رت پياڪ چمڙو.

vampirism (وئمپايرزم) **n.** belief in human vampires; the actions of a vampire, ڏوتائپ، ڏوتي پوڻلڳ، رت پيڻ، رت چوسڻ، اعتقاد ته رت پيندڙ لاش يا مُردا موجود آهن.

vamparize (ise) (وئم پايرائز) **vi, vt.** to play the vampire; to suck the blood of, ڏوتي پڻو، رت پيڻ، ڦري ڦوڪيو ڪرڻ.

vamplate (وئم پليٽ) **n.** a guard for the hand on a lance. هٿَ جهل، لٺ يا چڙهيءَ ۾ هٿ جي بچاءَ لاءِ پتي، ڳَنَ.

van[1] (وئن) **n, vt.** a shovel for testing ore; a test of ore by washing on a shovel; a winnowing fan, basket or shovel; a wing; a windmill sail; to winnow or test with a van, مَڻ جي تپاس واري رنبي، رلبي، پکو، پر، ڇڄ، گاڏڙو، سَڀَ، (ڇڄ ۾) ڇاڻي تپاس ڪرڻ.

van[2] (وئن) **n, vt, vi.** a large covered wagon for goods; a light vehicle used in transporting goods; a railway carriage or compartment for luggage; a caravan; to send, convey, confine, travel or tour in a van, سواريءَ جي ڍڪيل ڊگهي گاڏي، بار گاڏو، مال گاڏو، مال گاڏيءَ ۾ سفر ڪرڻ، قافلي سان هَلڻَ.

van[3] (وئن) **n.** the front of an army or fleet; the vanguard; the forefront, مُهڙ، ڍڪ، اڳيون حصو، مهاڏو، پيش حصو، اڳ، اڳواڻ، ٻالي، مهندار، مهرو.

vanadium (واني ڊيم) **n.** a hard grey or silvery metallic element (symbol V; atomic no 23), ڌاتوءَ جو جزو يا عنصر جيڪو چانديءَ جهڙو هوندو آهي، معدني عنصر.

vandal (وئنڊال) **n.** one who wilfully or wantonly damages property; a person who destroys that is beautiful, سونهن ويري، تهذيب سوز، ڪاريگريءَ جي ڪمن کي ناس ڪندڙ، علم هنر جو ويري، لوفر، دهشت گرد، ڇلو.

vandalism (وئنڊالزم) **n.** conduct of a vandal; wilful or malicious destruction or damage to property etc, سونهن وير، علم هنر سان وير، وحشيت، تهذيب سوزي، لوفرپائي، دهشت گردي، ڇلائي.

vandalize (-ise) (وئنڊلائز) **vt.** destroy or damage maliciously; to inflict wilful and senseless damage on property etc, سونهن ويرائپ، تباهي ۽ بربادي ڪندڙ، دهشت گردي ڪرڻ، ملڪيتن کي نقصان پهچائڻ.

vandyke or **vandyke** (وئن ڊائڪ) **n. vt & vi.** a broad collar with the edge cut into deep points; a deep-cut edging; a neat pointed beard; to notch or zig-zag, ڪالر جو هڪ قسم، ملڪي چاپٽن ڏاڙهي، وڙ وڪڙ ٿيل گلو، چٽيءَ واري ڳچي يا ٻري.

vandyke brown (وئن ڊائڪ برائون) **n.** a deep rich brown colour; a mixture of lampblack or other material and ochre, گهرو اچو پورو رنگ.

vane (وين) **n.** a weathervane, weathercock or revolving plate, or a banner, serving to show how the

wind blows; a heraldic or ornamental plate fixed on a pinnacle; a blade of a windmill, propeller, revolving fan; broad part of a feather; a fin on a bomb or a paravane; a sight on an observing or surveying instrument; the web of a feather, موسمي اڳڪٿيءَ لاءِ ڪم ايندڙ ڌاتوءَ جي پٽي يا پليٽ جيڪا هوا جو طرف ٻڌائي، پکو، پَرُ، باد نما، واءِ پرکڻي، هوا چڪيءَ جو پَرُ، جهنڊو، پکيءَ جي پر جو ويڪرو حصو، سروي واري اوزار جو ڏسڻ وارو سوراخ.

Vanessa (وانيسا) **n.** butterfly; the red admiral genus Vanessa, پوپٽ جو هڪ قسم، جنس ڳاڙهو پوپٽ.

vang (ونگ) **n.** a guy-rope to steady a gaff, سڙهه کي ٻڌڻ واري رسي، مڇي پڪڙڻ واري ڏوري.

vanguard (ونگارڊ) **n.** the foremost part of an army; the forefront; those who lead the way or anticipate progress, اڳين صف، اڳواڻ، فوج جو اڳ، اڳواڻ لشڪر، مهرو، مهڙ، پيش، (ڪنهن معاملي ۾) اڳواڻي ڪندڙ، مهندار.

vanguardism (ونگارڊزم) **n.** the condition of being or practice of positioning oneself as or within the vanguard of a movement (eg political), اڳواڻي ڪندڙ، مهندار، اڳواڻيءَ جو شوق رکندڙ، اڳيرو ٿيندڙ، سياسي اڳواڻي.

vanilla (ونيلا) **n.** a tropical orchid; a fragrant substance obtained from the pods of vanilla planifolia, a Mexican climbing orchid, and other species; the plant yielding it; flavoured with vanilla or a substitute; ordinary, usual, normal, ونيلا جي خوشبوءِ وارو مادو، ڦاڙهه ٻوٽي، ول وارا ٻوٽا، ٻوٽي مان ملندڙ خوشبوءِ وارو مادو، عام، عام حالت.

vanillin (ونيلن) **n.** the fragrant principle of vanilla, جوهر ول، ونيلا جي خوشبوءِ.

vanish (ونش) **vt, vi & n.** to disappear; to fade out; to cease to exist; to pass away; to become zero; to exhale, emanate; to cause to disappear; a vanishing; a glide with which a sound ends, الهَڻ، نظر کان گم ٿي وڃڻ، ترووي جان نظر اچڻ، غائب ٿيڻ، مٽجڻ، اُپائجڻ، ناس ٿيڻ، گم ٿيڻ، الٽر ڏيان، اُلوپ، ختم ٿيڻ، رفو چڪر ٿيڻ، ٺڪ پن ٿي وڃڻ، ڏنلالاڻجي وڃڻ، جهڪو ٿيڻ.

vanishing cream (ونشنگ ڪريم) **n.** cosmetic cream, that when rubbed over the skin, virtually disappears, لرم ۽ ملائم ڪريم (جيڪا لڳائڻ کانپوءِ جلد يا کل ۾ جذب ٿي وڃي)، منهن جي ڪريم.

vanishing point (ونشنگ پوائنٽ) **n.** the point at which parallel lines seen in perspective converge; the verge of disappearance of anything, اها حالت جنهن ۾ ٻه ڪُلا ملندڙ ليڪون اکين نظر اچن جڻ هڪ ٿي ويون هجن، غائب نقطو، نظر جي حد.

Vanitory ® (وئنٽي ٽري) **n.** a vanity unit consisting of a wash-hand basin built into a dressing-table, ڊريسنگ ٽيبل ۾ لڳل هٿ منهن ڌوئڻ وارو باسڻ.

vanity (وئنٽي) **n.** the priding of oneself on one's personal appearance, accomplishments, conceit; quality or state of being vain; extravagance or ostentation; folly or futility; something vain, وانگان، آڪڙ، سڪو هٺ، ايمان، بيهودگي، مٿيا، مايا، ڦونڊ، ٽاڪ، ٽانءِ، ڪوڙو ڏيک، بَطلانُ، ڪوڙ جو مثل ڪوڙ.

vanity bag, box or case (وئنٽي بئگ، باڪس، ڪيس) **n.** a container for cosmetics and a small mirror, carried by a woman, زناني ٿکري، پرس، پيٽڙي.

Vanity Fair (وئنٽي فيئر) **n.** the world, or any place or society in it where people are wholly devoted to vanity, triviality, and empty ostentation from the fair at the town of Vanity; in Bunyan's pilgrim's progress, ڏيک ويک، دنيا داري، دنيا ۾ ملت چلت، ڪوڙ جو مثل ڪوڙ، اجايو نٽ، اجايو ڪوڙ بکيڙو، ظاهري نماءُ، ڪوڙي نمائش، ڪوڙو ڏيک.

vanity publishing (وئنٽي پبلشنگ) **n.** publication by the author, at his or her own expense; a publisher who publishes at the author's expense. لکندڙ طرفان پنهنجي لکت کي پاڻ ڇپائڻ، ڇپائيندڙ جي لکندڙ جي ذميداريءَ ۽ خرچ تي ڇاپيل مودا يا ڪتاب.

vanity unit (وئنٽي يونٽ) **n.** a Vanitory unit or similar piece of furniture, فرنيچر جو هڪ ننڍو ۽ سهڻو ٽڪ.

vanner[1] (ونر) **n.** one who vans; an ore-separator, ڇاڻو هلائيندڙ، ڇڄ سان واڻيندڙ، پرڻ ۾ ڪچو ڌاتو جدا ڪندڙ.

vanner[2] (ونر) **n.** a horse suitable for a van or a cart. مال بردار گهوڙو، جوٽڻ وارو گهوڙو، لاڏو گهوڙو، جوٽو گهوڙو.

vanquish (ونڪئش) **vt. vi.** to conquer; to overcome; to confute; to be victor, سوڀارو، فاتح، مات ڪرڻ، ڄيٽڻ، فتح ڪرڻ، غالب پوڻ.

vantage (وانٽيج) **n, vi.** advantage; short form of advantage; vantage-ground; opportunity; excess, addition; to benefit, profit, موقعو، فائدو، رسائي، فائدو، فضيلت.

vanward (وَن ورڊ) **adj, adv.** towards the van or front, سواريءَ اڳو، اڳوارو، سامهون، مهاڙيءَ ۾، اڳين حصي ۾.

vapid (وپڊ) **adj.** insipid; dull; flat, سٺون سڌو، مٺو، ڦڪو، بي ذائقو، بي سواد، بي لطف، بي حظ.

vaporetto (وپوريٽو) **n.** a motorboat that serves as a water bus in Venice (وينس ۾) بس نما ٻيڙي، ڊگهيل ٻيڙي، مسافرن کڻڻ لاءِ بس شڪل ٻيڙي.

vaporific (ويپوري فڪ) **adj.** vaporizing ٻاڦوريندڙ، آب انگئو، بخارات پيدا ڪندڙ.

vaporiform (ويپوري فارم) **adj.** existing in the form of

vapour, باڦ. اَپ. بخار شڪل. بخار نما.

vaporimeter (ويپوري ميٽر) **n.** an instrument for measuring vapour pressure or vapour باڦ ماپو. بخار پرکُو. اب ماپو. بخارات پيما.

vaporisation (وئيپورائزيشن) **n.** converted into vapour, to become vapour, باڦجڻ. اُپجڻ. بخارات جو عمل. باڦ ٿيڻ. بخار ٿيڻ. بخارجڻ.

vaporize (-ise) (ويپورائز) **vt, vi.** to convert into vapour; to make disappear suddenly; to spray; to obliterate; to become vapour, باڦيندڙ. بخار ٿيڻ. بخارات نهڻ. باڦڻ. باڦ جي صورت ۾ اچڻ. باڦ ٿي وڃڻ. باڦ ڪرڻ.

vaporizer (ويپورائزر) **n.** an apparatus for discharging liquid in a fine spray, باڦيشو. بخار پاش. بخارات ڪيندڙ. آلهِ تبخير.

vaporous (ويپورس) **adj.** of, in the form of, like, or full of vapour; vain; unreal, whimsical; affected with the vapours; insubstantial; flimsy; vainly fanciful, باڦ. بخارياتي. باڦ مثل. اَبِ. بخارات دار. بخارات پرِيل. باڦ بردار. بادي. لهري. ريح پيدا ڪندڙ.

vapour or vapor (ويپر) **n, vi & vt.** an exhalation or fume; a substance in the form of a mist or smoke, esp one coming off from a solid or liquid; a gas below its critical temperature, liquefiable by pressure; water in the atmosphere, exhalations supposed to arise in the stomach or elsewhere in the body, affecting the heal; low spirits, boredom, nervous disorder; anything insubstantial, vain or transitory; a fanciful notion; a boast; to pass off in vapour; to emit vapour; to evaporate; to brag, make empty boasts; to swagger, show off; to convert into vapour; to affect with the vapours; to boast; to drive by bluster, باڦ. اَپ. بخار. هُب. دونهون. آبي بخارات. اجايو خيال. بخار چڙهڻ. سيڻ. دونهات. خَمَر. وائي بادي خيال. ڏنڌ. غبار. ڊاڙ. ٽاڪ شتاڪ. اجايو وهم. اداسائي. سوداءُ. خفقان. ريح. دماغ جو خلل. ٽاڪ هڻڻ. پاڻ پڏائڻ. ڳالهه کي وڌائي ڪرڻ. دونهون يا بخار ڪيڻ. واس ڏيڻ. دونهون ڪرڻ. دونهين ڏيڻ. هوا ۾ پاڻيءَ جي موجودگيءَ ڪري بخارت جو ٿيڻ. بدن ۾ پاڻيٺ جي گهڻائيءَ ڪري بي فرحتيءَ واري حالت ۾ هجڻ. بوريت محسوس ڪرڻ. دماغي طور پريشان هجڻ. ڪا معمولي يا نڪمي شيءِ. دونهان ڪيڻ. بخارت چڙهڻ. بخار يا باڦ ٿي اڏامي وڃڻ. باڦ ۾ بدلائڻ. بخار جي صورت ۾ آڻڻ. شوخي ڏيکارڻ. هل هنگامو ڪرڻ

vapour-bath (ويپر باٿ) **n.** a bath in vapour; a place or apparatus for the purpose, باڦ غسل. بخاري ڏوپ. بخاراتي غسل. بخاراتي غسل ڪرڻ جي جاءِ يا مشين.

vapour density (ويپر ڊينسٽي) **n.** the density of a gas or vapour relative to that of hydrogen at the same temperature and pressure, باڦ گهاٽاڻ. باڦ گهاٽائي. بخار ڪثافت. بخارات جي گهاٽائي.

vapour lock (ويپر لاڪ) **n.** the formation of vapour in a pipe carrying a volatile fluid, resulting in an interruption of the flow, باڦ روڪ بخار. روڪيندڙ بوڙيا ۾ بخارات. پاڻيٺ ۾ بوڙين ٺهڻ ڪري روڪ يا بندش ٿيڻ.

vapour trail (ويپر ٽريل) **n.** a white trail of condensed vapour left by high-flying aircraft, باڦ ليڪ. دونهين جي چوٽي. اڏندڙ دونهون. دونهي ليڪ. دونهين ڪَڪَر. تمام مٿي اڏامندڙ جهاز جي دونهين جي ليڪَ.

vapoury (ويپري) **adj.** full of vapour; vaporous; affected with the vapours, باڦوريل. بخاري. بخاردار. باڦ دار. زود رنج. چڙلو. سَودائي.

vapulate (وئيپوليٽ) **vt, vi.** to flog; to be flogged, ڪوڙا هڻڻ. ڪوڙا لڳڻ.

vapulation (وئيپوليشن) **n,** a flogging ڪوڙا هڻڻ. ساڪائڻ. ستيل. ڪتيل.

vaquero (واڪيرو) **n.** a herdsman ڌنار. وڳ ڌڻي. مال وند.

vara (وارا) **n.** a Spanish-American linear measure, varying from 33 to 43 inch (c.84-110cms), گزي. گز. ماپو. اسپيني آمريڪي گز (٣٣ کان ٤٣ انچ ماپ).

varactor (وئرئڪٽر) **n.** a two-electrode semi-conductor device in which capacitance varies with voltage, بجليءَ جو اوزار.

varan (وئرن) **n.** a monitor lizard ڳوهه جنس جانور.

Varanus (وئرنس) **n.** the monitor lizard genus, constituting the family Varanidae, ڳوهه جنس جانور. ڪِرڙي جنس جانور.سانڊي جهڙو ساهوارو. ڳوهه.

Varangian (وئرن جين) **n. & adj.** a Scandinavian settler in Russia; a member of the bodyguard of the Eastern emperors; their Scandinavian language, روس ۾ اسڪينڊينوين آبادڪار. فوجي دستي جا ساٿاري. هتيارېند قوم. هڪ روسي بولي.

vare (ويئر) **n.** a vara; a wand of authority (Sp), اقتدار جي لٺ يا ڏنڊو. اقتدار يا اڳوائيءَ جو نشان.

varec or varech (وئرڪ) **n.** a seaweed; kelp; wrack (Fr), اڻ صاف ٿيل ڪچي سوڊا.

vareuse (وَاريز) **n.** a kind of loose jacket (Fr), ڪوٽي. بنان ٻانهن ڪوٽ. جيڪيٽ.

variability (ويئري آبلٽي) **n.** state or quality of being variable; liability to vary, ڦرندڙ گهرندڙ. نا پائداري. تبديل پذير.

variable (ويريئبل) **adj, n.** that may vary or alter; changeable; fickle; unsteady; tending or liable to change or vary; showing variations; quantitatively indeterminate; changing in brightness; a quantity

subject to continual increase or decrease (math); an expression which may have any of a number of values (math, comput); a symbol referring to a known semantic range, but unspecified as to exact meaning; a shifting wind; a variable star, متجندڙ. ڦرندو، بدلجندڙ، ڇرهر، بدلجي سگهندڙ، فرق پذير، تبديل ٿيندڙ، وڌندڙ گهٽجندڙ، ڦرڻو گهرڻو، گهڻ متيو، بيقرار، ڦيرائتو، ڦرڻو، سرگرد، متجندڙ معنيٰ وارو، متجندڙ هوا، ڦرندڙ تارو.

variable costs (ويريئبل ڪاسٽس) **n.** costs which, unlike fixed costs, vary with the level of production, متجندڙ خرچ، فرق پذير خرچ، تبديل ٿيندڙ خرچ.

variable-geometry aeroplane (ويريئبل جاميٽري ايروپلين) **n.** an aeroplane of varying wing, sweptback for flight, but at right angles for take-off and landing, so removing the need for long runways and high landing-speeds, هيٺ مٿي ٿيندڙ پرن وارو جهاز، ٿوري ڊوڙ تي اڏامندڙ هوائي جهاز.

variable interest rate (ويريئبل انٽريسٽ ريٽ) **n.** a rate of interest on a loan, that varies with the market rate of interest, متجندڙ منافع اگهه، ڦرندڙ منافعي شرح، گهٽ وڌ ٿيندڙ وياج تي ورتل قرض.

variable-pitch propeller (ويريئبل پچ پروپيلر) **n.** a propeller with blades movable by mechanical means during rotation to optimize the pitch for different speeds and engine revs, انجڻ جا پرزا يا الدروني پر جيڪي رفتار گهٽائڻ يا وڌائڻ لاءِ هلڪا يا تيز هلائجن.

variable region (ويريئبل ريجن) **n.** part of an immunoglobulin molecules which differs in amino acid sequence between different molecules, متجندڙ جزو جو پنهنجي حالت مٽائيندو رهي، مختلف مادي وارو جزو.

variable star (ويريئبل اسٽار) **n.** any star with a luminosity not constant with time, متجندڙ تارو يا گرهه، بدلجندڙ تارو، تبديل پذير تارو، الگ الگ وقت تي اڀرندڙ تارو، گهٽ وڌ روشنيءَ وارو تارو.

variable sweep (ويريئبل سويپ) **adj.** (of an aircraft wing) of which the sweep-back may be varied, as on a variable-geometry aeroplane, پرن کي هيٺ مٿي ڪرڻ وارو هوائي جهاز.

variance (ويرينس) **n.** variation; deviation; alteration; disagreement; discord; an exemption from normal building regulations; a discrepancy; the difference between estimated and actual costs, projects; a disagreement, dispute; the average of the squares of the deviations of a number of observations from the mean, تفاوت، فرق، ڦير گهير، اختلاف، مٽ سٽ، مقابل، (ڪنهن شي يا حالت ڏانهن) خاص لاڙو، تبديلي، ناموافقت، اڻ بڻت، ڦوٽ، ناسازي، اختلاف، نفاق، هڪ ٻئي جي برخلاف.

variant (ويرينٽ) **n, adj.** varying; different; a different form of the same thing, esp a word; a different reading; a specimen slightly differing from a type or standard; changeful; varying; from a type or standard; changeful; varying; diversified; different; diverging from a type or standard, (هڪ ساڳئي لفظ جو) مختلف نمونو، مختلف، ڌوڙي (لفظ)، فرق ڪار، جدا، الگ، بدليل، ڦريل، بدل پذير، ٻي طرح جو، پڙهڻيءَ جي ٻي صورت.

variate (ويريئيٽ) **n, vt & vi.** any one of the observed values of a quantity; the variable quantity which is being studied; a variant; to change, vary, الگ، جدا، فرق رکڻ، تفاوت رکڻ، بدلائڻ، ڦيرائڻ، مٽائڻ.

variation (ويريئيشن) **n.** act or process of varying; a change; alteration; continuous change; difference in structure or character among offspring of the same parents or among members of a related group; departure from the mean or usual character; the extent to which a thing varies; a variant; declination of the compass; an inequality in the moon's motion discovered by Tycho Brahe; a change in the elements of an orbit by the disturbing force of another body; transformation of a theme by means of new figures in counterpoints, florid treatment, changes in tempo, key etc (music); a solo dance, ڌوڙي حالت، فرق، تحريف، تفاوت، اختلاف، مٽ سٽ، تبديلي، ڦير گهير، لاهي چاڙهي، تبديل، چنڊ جي گردش ۾ متاسنا. (موسيقيءَ ۾) بدل سدل يا سازن کي هيٺ مٿي وڄائڻ، ڦير گهير جو درجو يا حساب، هڪ ماڻهوءَ جو ناچ.

varicella (وئريسيلا) **n.** chicken pox, لاڪڙو، جد ٻري، ڪاڪڙو، ننڍي ماتا، ارڙي.

varicelloid (وئريسيلائڊ) **adj.** resembling varicella, لاڪڙي جهڙو، ارڙيءَ جهڙو، ننڍي ماتا شڪل، چوزي لاڪڙي نما.

varicellous (وئرسيلاڪس) **adj.** pertaining to varicella, لاڪڙي ورتل، ارڙيءَ وارو.

varicocele (وئريڪو سل) **n.** a mass or an enlargement of the vericose veins of the spermatic cord, or of those of the scrotum, تبعي رڳ مُچو، ڦنڊيل رڳ واري ڳنڍ، يا لسن جي واڌ يا سوڄ، خصين جو چن، وڌيل رڳ.

varicoloured (ويري ڪلرڊ) **adj.** variegated in colour; diversified in colour, رنگا رنگ، رنگ برنگي.

varicose (وئري ڪوس) **adj.** of superficial veins, (of the leg) twisted, swollen and dilated so that they produce raised knots on the surface of the skin, انگڙ ونگڙ رڳون، ڳنڍ وچڙندڙ رڳون، وڌيل (نس)، ڦنڊيل، سڄيل، رڳ سڄڻ، ٽنگ جي رڳن جو اڀري بيهڻ.

varicose ulcer (وئري ڪوس السر) **n.** an ulcerating knot of varicose veins, رڳ السر واري واڌ، السر جي ڳوڙهي يا ڳنڍ.

جو ڦٽ. سجهيل نس جي ڳنڍ جو ڦٽ.

varicosity (وئري ڪوسٽي) **n.** the state or condition of being varicose; a distended place or vein, (نس يا رڳ جي) ڳلا وڃڻ. ڦنديل حالت. روڳي حالت.

varicotomy (ويري ڪوٽامي) **n.** the surgical removal of a varix or a varicose vein ڳلا وڃڻ ڪول. منجهيل رڳن کي سلجهائڻ. رڳن جي ڳنڍين کي ڪٽڻ لاءِ جراحي.

Varidase ® (واري ڊيز) **n.** the proprietary name of a drug used to liquefy, for draining away, clotted blood, thick pus and dead tissue in deep infections, ڦٽ چٽائڻ واري دوا. طبي نالو. دوا جو نالو. ڄميل رت کي ونڙائيندڙ دوا. ڳند ڪڍندڙ دوا.

variegate (ويري گيٽ) **vt.** to diversify in appearance, esp with colours in patches, رنگ برنگي. رنگ برنگ دار. چٽڪمرو. چٽڻ.

varietal (ويريٽل) **adj, & n.** of or having the character of a variety; (of wine) named as being, from a single variety of a grape; such a wine, قسم. جنس. پالت. جنس بابت. جنسي. انگورن جي هڪ ئي جنس مان ٺاهيل شراب.

varietist (ويري ٽسٽ) **n.** one whose habits differ from what is normal, نيارو (ماڻهو / شخص). عجيب طبيعت وارو. پنهنجي خيال جو.

variety (وَرائٽي) **n.** the state or quality of being various; diversity; difference; many-sidedness, versatility; a varied group or collection; a kind differing in minor features or points; a sort; a kind; a race not sufficiently distinct to be counted a species, a subspecies; an artificially bred strain; musical entertainment; a succession of varied turns; of, for, or performing, music-hall entertainment, نيارپ. جنس. نيارائپ. قسم. پانت. ڀانئي. ذات. فرق. اختلاف. قسمين قسمين شيون. مختلف قسمن جي موسيقي پيش ڪرڻ. جنس جو حصو. موسيقيءَ جي ڌڙن جي بيهڪ ۽ بناوت. راڳڻي.

variety store (ورائٽي اسٽور) **n.** a store or shop selling many kinds of small and daily use itemsمختلف شين جي وڪري وارو دڪان. منيار. ڪريانو اسٽور.

varifocal (ويئري فوڪل) **adj. & n.** having a focal length that can be varied, esp of a lens that allows an infinite number of focusing distances for near; intermediate and far vision; varifocal spectacles, (ڪئميرا جو) مختلف ماپ جا فوٽو ڪڍندڙ شيشو. گهٽ وڌ يا اڳتي پوئتي ٿي سگهندڙ شيشو. مختلف مفاصلن کي ڏسڻ وارو شيشو. دوربينيءَ جو شيشو. چشمي جو نظر وارو شيشو.

variform (وئري فارم) **adj.** having various forms, نيارو. مختلف شڪل. مختلف صورت. مختلف شڪلين وارو.

variola (وئريئولا) **n.** small pox; sheep-pox, ماتا. مائي. پستلا. چيچڪ. جدري. مال ماتا. رڍن جي ماتا.

variolate (وئريئوليٽ) **vt.** to inoculate with small pox virus, ماتادار. سيتلا پدار. ماتا خلاف ٽڪو هڻڻ.

variolation (وئريئوليشن) **n.** inoculation with smallpox virus ماتاڪاري. ماتا خلاف. ٽڪا هڻڻ.

variolator (وئريئوليٽر) **n.** one who carries out variolation. ٽڪا هڻندڙ. ٽڪن وارو.

variole (وئريئول) **n.** a shallow pit or a pock - like marking; a spherule in variolite ماتا جو سيترو. داغ. چگهه. دالو. نشان. چيچڪ. جدري نشان.

variolite (وئريئولائٽ) **n.** a fine-grained basic igneous rock with spherules of radiating feldspar resembling smallpox pustules. چتيءَ دار پٿر. نشاندار پهڻ. بلوري پٿر جنهن ۾ ماتا جي داغن وانگر داغ يا چگهه هجن.

variolitic (وئريئولٽڪ) **adj.** of or like variolite, چتيءَ دار شڪل جو پٿر. چتن يا داغن وارو پٿر.

varioloid (وئريئولائڊ) **adj. & n.** resembling smallpox; modified smallpox occurring in the vaccinated or those who have already had the disease, ماتا جهڙو. ماتا نما. ٽڪي دالو. هلڪي ماتا. هلڪي ماتا جيڪا ٽڪن لڳائڻ سان ٽڪري.

variolous (وئريئولس) **adj.** of, pertaining to, or suffering from, smallpox; covered with varioles, ماتا ورتل. ماتا سيتراتي. ماتا پت. ماتا جو.

variometer (ويريئو ميٽر) **n.** a device for comparing magnetic forces; a variable inductor composed of two connected coils, one rotating inside the other; an instrument that indicates by a needle the rate of climb and descent, فرق پيما. مقناطيسي قوت پيما. لاهيءَ چاڙهيءَ جو فرق ٻڌائيندڙ اوزار.

variorum (وير يارم) **adj & n.** (of an edition of a text) having notes by various earlier commentators or editors, or variant readings; a variorum edition; a succession of changes, ڪتاب جو ايڊيشن جنهن ۾ پهرين ڇاپي متعلق تنقيدي مواد ۾ شامل ڪيل هجي.

various (ويريس) **adj.** diverse; varied, different; several; unlike each other; variegated; changeable, uncertain, اڪيچار. ڪيترائي مختلف. قسمين قسمين. طرح طرح جا.

variscite (وئري سائٽ) **n.** a greenish mineral, hydrated aluminium phosphate, سبز پٿر. سائو معدني ڌاتو.

varistor (ورسٽر) **n.** a two-electrode semi-conductor used to short-circuit transient high voltages in delicate electronic devices, اليڪٽرانڪ اوزارن ۾ بجليءَ جي وڌيل مقدار کان بچائڻ جو نظام.

Varityper ® (ويري ٽائپر) **n.** a typewriter-like machine which has changeable type, ٽائيپ مشين جنهن ۾ مختلف فونٽ لڳائي سگهجن.

varix (ويرڪس) **n.** a permanent abnormal dilation of a vein or artery; a lengthened, and tortuous vein, artery or lymphatic vessel; dilatation of a blood vessel; a ridge marking a former position of the mouth of a shell, رڳ سوڄ، قنديل نس، اپار صدف، رڳ جو سُڄي وڃڻ يا ان ۾ ڳنڍيون پوڻ، ڪوڏ جي وات جو اصلوڪو نشان.

varlet (وارليٽ) **n.** a knight's attendant; a footman; a municipal official; a menial or rascal, rogue, knave, خدمتگار، پيادو، بدمعاش، ڪميڻو، نفر، ٽهليو، بلدياتي عملدار،لوفر، رولو، ڪمذات،نڪمو، بيڪار، هٽ مزدور.

varmint or varment (يوارمينٽ) **n & adj.** a discreditable or mischievous animal or person; a skilled amateur sportsman; natty, dashing; sharp, cunning, جيت، ڪيڙو، ڪنر (جانور)، ڪينئون، ڪنراڳي (مانهو)، حرڪتي (مانهو)، تکو، سيکڙاٽ رانديگر، تيز طبيعت.

varna (ورنا) **n.** any of the four great Hindu castes (Sans, class), ورڻ، هندن جي وڏين چئن ذاتين مان هڪ ذات.

varnish (وارنش) **n & vt.** a clear-resinous solution used to coat and give a hard, glossy, usu transparent surface to wood-work, paintings; gloss; outside show; any of several other preparations for giving a glossy surface to something eg nail varnish; a gloss or glaze; a superficial lustre, a surface showiness, esp with the implication of underlying shoddiness or inadequacy; an application of varnish; to coat with varnish; to give a superficial lustre or sheen to, پالش، وارنش، رنگ، تيل، روغن، ملمعو، ڪاشي، لاک، چمڪو دمڪو، ظاهري پيهڪو، لهن جو رنگ، چمڪائڻ، چمڪو ڏيڻ، سگهي ملمع لڳائڻ، روغن لڳائڻ، رنگ روپ ڏيڻ، ڪک وجهڻ، سولهن ڪرائڻ، ٻاهريون ڏيک ڏاهڻ.

varnish-tree (وارنش ٽري) **n.** the tung-tree or other tree whose resinous juice is used for varnishing or for lacquering (Fr), وارنش وڻ، ڪاڪڙا وڻ، وارنيشي رسدار وڻ.

varroa (وِرُوآ) **n.** an Asiatic mite which parasitizes and kills the honey-bee; infection by this mite, ٻئي جيت کي چوسيندڙ جيت، جيت جيڪو ماکيءَ جي مکين کي چوسي ختم ڪري ڇڏيندو آهي.

varsal (وارسل) **adj.** universal ڪائناتي، آفاقي، دنياوي.

varsity (ورسٽي) **n, adj.** university, اعليٰ مڪتب، يونيورسٽي، وڏو تعليمي ادارو.

varsovienne (وارسووين) **n.** a dance imitated from the Polish mazurka; a tune for it, پولش لوڪ ناچ، لوڪ ناچ لاءِ موسيقي.

Varuna (ورونا) **n.** an ancient Indian Vedic god of the heavens, later of the waters, هندن جو پاڻيءَ جو ديوتا.

varus (ويرس) **adj, n.** displaced from normal alignment so as to deviate towards the midline of the body; a varus condition, سرڪڻ (اندرين پاسي)، ٽنجهو، ڪٻو ٿيڻ، جهڪي هلڻ، ڪٻ.

varve (وارو) **n.** a seasonal or annual layer of sediment deposited in still water; used in establishing Ice Age chronology, سينوَرُ، مٽي ٽرجڻ، لٽ، رڳ، چاول مٽيءَ جو تهه جنهن مان ڌرتيءَ جي اُن حصي جي عمر جو اندازو لڳائجي.

vary (ويري) **vt, vi.** to change; to make different; to diversify; modify; to alter or embellish (a melody) preserving its identity (music); to change to something else; to make of different kinds; to express in other words; to alter or be altered; to be or become different; to change in succession; to deviate; to disagree; to be subject to continuous increase or decrease, تفاوت پيدا ڪرڻ، مٽڻ، تفاوت، مختلف فرق، فرق رکندڙ، بدلائڻ، مٽجڻ، بدلجڻ، ڦرڻ گهرڻ، گهٽجڻ وڌڻ، تفاوت رکڻ، ڦيرائڻ، ڦير گهير ڪرڻ، رنگا رنگي ڪرڻ، اختلاف ڪرڻ.

vas (وِس) **n.** a vessel, tube or duct carrying liquid, لرڳ، واهڙي، ڏنگي، نالي، نس، نلي.

vascular (وِسڪيولر) **adj.** pertaining to, composed of, or provided with vessels or conveying fluids eg-blood, sap, رڳائين، رڳائون، رڳدار، نيش دار، ناليدار، نالي، رڳدار، تنداڻون، رت جي ڏوري جو، عــروق (وار نلين يا) نالين جو، انهن نالين مان وهندڙ.

vascular bundle (وِسڪيولر بنڊل) **n.** a strand of conducting vascular tissue in the higher plants, composed of xylem, phloem and cambium, رڳائون، (نباتاتي) اوجو، رڳدار ڪناري، رڳن وارو ڇڳو، نسن وارو ڇڳو.

vascular cryptogams (وِسڪيولر ڪرپٽوگمس) **n.** the pteridophytes or ferns and related plants, رڳدار منهي ميلاپ، فرن قسم جا ٻوٽا، سفائح ٻوٽا.

vascular disease (وِسڪيولر ڊزيز) **n.** any of various diseased conditions of the blood vessels, رڳائين بيماري، نسن واري بيماري، رڳائون روڳ، رڳن يا نسن سوڄ.

vascularize (وِسڪيولرائز) **vt.** make vascular; to render vascular, رڳ جهڙي بنائڻ، رڳائون ڪرڻ، رڳ وارو صورت ڏيڻ.

vascular plants (وِسڪيولر پلانٽس) **n.** plants with conducting tissue; seed-plants and pteridophytes, رڳاوان ٻوٽا، نبات قناطي، ٻوٽا، رڳائين اوڀڙ، رڳدار ٻوٽا، پاليانا

vasculum (وِسڪيولر) **n.** a botanist's collecting case with a lengthwise opening, for carrying specimen. رڳائون نمونو، نبات دان، ٻوٽي دان، رڳ قنات، شيشي جي ٽيوب نما پيتي.

vas deferens (وِس ڊيفرنز) **n.** the spermatic duct, carrying spermatozoa from the testis to the urethra, تخمي رڳ، تخم نالي، تخمي جيو نلي، مني نيڪال نلي.

vase (ويز، واز، ويس) **n.** old-fashioned, a vessel, usually tall, round in section and ornamental, rather than useful, used for holding cut flowers; the body of the Corinthian capital, دَنگي، برني، گـُـهـگـهي، گلدان، صراحي، برتن، گلدالي، ڦولدالي، گلڪاري دار باسڻ.

vasectomy (وَسيڪ ٽامي) **n.** the excision of part or all of the vas deferens, esp in order to produce sterility, رڳ ٽڪو، نس جراحي، نس بندي، ڳپ رڳ تراشي.

Vaseline ® (وَيس لين) **n.** an ointment or lubricant consisting of petroleum jelly, ويسلين، ويزلين، ڪريم، روغن، سٿيو مادو، تيل.

vase-painting (ويز پينٽنگ) **n.** the embellishment of vases with pigments, esp the decoration of the pottery of the ancient Greeks (Fr), رگيل دَنگي، چٽسالي ڪيل گلداليون، گلڪاري ڪيل ڪونڊيون، چٽيل گهگهيون.

vasiform (وَيسي فارم) **adj.** duct-shaped; tubular; vase-shaped; denoting a duct or vessel, دَنگي، رڳ، رڳ شڪل، نس صورت، ٽانوَ شڪل.

vaso-constriction (وَيزو ڪنسٽرڪشن) **n.** narrowing or constriction of a blood vessel رڳ سوڙهائي، قابض خون رڳ.

vaso-constrictor (وَيزو ڪنسٽرڪٽر) **n.** a nerve or drug that causes vaso-constriction, قابض رڳون، رڳ سوڙهيندڙ، رڳ سُست ٿيندڙ، قابض شريانيون، رڳن کي سُسائيندڙ دوا.

vaso-dilatation (وائزو ڊائليشن) **n.** dilation or expansion of a blood vessel, رڳ ويڪرائي، رت نلي ڪشي.

vaso-dilator (وَيزو ڊائليٽر) **n.** a nerve or drug that causes vasodilation, رڳ کوليندڙ، رت نلي ڪش، رت جي نلي ڦٽائيندڙ دوا.

vaso-motor (وَيزو موٽر) **adj.** causing constriction or dilatation of blood vessels, حرڪي خابرو، نلي محرڪ، رڳ، وار نلي محرڪ.

vasopressin (وَيزو پريسن) **n.** a pituitary hormone (also prepared synthetically) that raises blood pressure, regulates kidney section, رڳ غدود، رت داب مادو.

vasopressor (وَيزو پريسر) **n.** a substance that causes a rise of blood pressure, رڳ واڌڙ، رت داب وڌائيندڙ.

vassal (واسل) **n. adj & vt.** a dependant, retainer; a feudal tenant; a subject; a person or nation subject to another; a person holding land from a feudal superior in return for homage and loyalty; a person holding land from a superior in return for the payment of feu-duty; a bondman; a low wretch; in the relation of state of a vassal; subordinate; servile; of a vassal; to subject, هاري، خفيف، ڪڙمي، ٻي مالڪي حق رکندڙ، ٻيلي، خاصخيلي، پٽيدار، تابعدار، زيردست، ڏن پريندڙ، جاگيردار، مقاطعدار، نوڪر چاڪر، ٻيلي.

vassalage (وسليج) **n.** the state of being a vassal; servitude; dependence; subjection; a fee, fief; vassals collectively; prowess, or deeds of prowess, هارپ، ڪڙمت، ٻيليپو، تابعداري، غلامي، جاگيرداري، رعايا، جاگير، نوڪرائپ، چاڪري.

vast (واسٽ) **adj.** boundless; of great extent; huge; mighty; considerable, appreciable; an immense tract, a boundless or empty expanse of space or time; a huge quantity, vast amount, موچارو، ڪشادو، وسيع، بيشمار، لامحدود، بي حد، تمام وڏو اندازو، شاهي، آپار، نهايت ڳرو، گهڻو، بي انت.

vastitude or vastity (واسٽي ٽيوڊ، واسٽٽي) **n.** vastness; a vast extent, ڪشادگي، لامحدودي حالت، بي شمار، تمام گهڻي انداز پر عظمت، وسعت.

vat (وَٽ) **n.** a large vessel or tank for holding, fermentation, dyeing, or tanning; a liquor containing a reduced, colourless, soluble form of insoluble dye in which textiles are soaked, in order afterwards to take up the colour through oxidation when exposed to the air; to put, or treat, in a vat, هود، هودي، ڪنبَ، نادي، مالو، ڪونارو، (ڪنير جو) چَرو، خم، ٽانڪي، حوض، (ڏوبيءَ جو) سٽَلَ.

vatic (وَٽڪ) **adj.** prophetic or inspired; oracular; خطابت، پيغمبرانو، روحاني، وحيءَ وارو، الهامي.

Vatican (وَٽيڪن) **n.** an assemblage of buildings on the Vatican Hill in Rome, including one of the Pope's palaces; the papal power or government. ويٽي ڪان جون عمارتون، پوپ جو محل، پوپ جو حڪومتي علائقو.

Vatican City (وَٽيڪن سٽي) **n.** a small area on the Vatican Hill set up as an independent papal state in 1929, ويٽي ڪان شهر ۽ انجو مذهبي عمارتن وارو علائقو، ويٽي ڪان جي مذهبي رياست.

vaticide (وَٽيسائڊ) **n.** the killer or killing of a prophet, نبي ڪُشي، نبيءَ جو گهات، نبيءَ کي شهيد ڪرڻ يا ڪندڙ.

vaticinal (وَٽيسنل) **adj.** of or relating to prophesy, وحيءَ جي خبر ڏيڻ، اڳڪٿي ڪرڻ، الهام ٿيڻ.

vaticinate (وَٽيسينيٽ) **vt, vi.** to prophesy; to foretell. اڳڪٿي ڪرڻ، الهام ٿيڻ، اڳوات ٻڌائڻ، خبردار ڪرڻ.

vaticination (وَٽيسينيشن) **n.** prophecy اڳڪٿي، الوهيت، الهام

vaticinator (وَٽيسينيٽر) **n.** a prophet, پيغمبر، نبي، الله جي طرفان مقرر ڪيل هدايت ڏيندڙ، رسول.

vaudeville (وادي وائل) **n. & adj.** variety entertainment; a light, gay song; a ballad; a play interspersed with dances and songs incidentally introduced and

usually comic; orig, a popular song with topical allusions, ست رنگي تماشو يا ناٽڪ. (جنهن ۾ گهڻا راڳ، ناچ ۽ تماشا ڏيکاريا وڃن)، منگل، ميلو، لوڪ تماشو، لوڪ راڳ، لوڪ ناچ.

vaudevillean or **vaudevillian** (واڊي واڊلن) **n, adj.** a performer or writer of vaudeville, ناٽڪي، ناٽڪ لکندڙ، ناٽڪ لويس.

vaudevillist (واڊي ولسٽ) **n.** a composer of vaudeville, لوڪ راڳ لکندڙ، ناٽڪ لکندڙ.

Vaudois (وَوڊوا) **n, adj.** a native of the Swiss Canton Vaud; its French (Fr), واڊ جو رهاڪو ۽ اُتان جي فرانسيسي بولي.

vault[1] (والٽ) **n, vt, vi.** an arched roof or ceiling; a subterranean chamber with an arched roof or ceiling; a cellar; a wine-cellar; a burial-chamber; a cavern; anything vault-like; the dome of the skull; to shape as a vault; to roof with an arch or vault; to form vaults in; to curve in a vault, ونگيل ڇت، محراب، ونگيل ڪوٺي، ڪمرو، قبو، گنبذ، ٻهرو، غفا، تهہ خانو، آڪاس، پاتڙو، گدام، قبرستان، تجر، طبق، هيٺاهون طبقو، گوندو.

vault[2] (والٽ) **vi, vt & n.** to bound; to leap, esp by springing initially on to one or both hands, or by using a pole to get extra height; to achieve great heights of success, fame; to arch; to spring or leap over, esp by this means; to cause someone or something to attain great success; a leap; an act of vaulting, راند جو هڪ قسم، بازيلي ڪيڏڻ، اچانڪ تي رسڻ، لانگ ورائڻ، ناماچار، هاڪ، مشهوري ماڻڻ، ٽپو ڏيڻ، چال مارڻ، ٽپڻ، ٽپو، گهوڙي تي ٽپو ڏئي سوار ٿيڻ، بازيگريءَ جو ڪيل.

vaulted (والٽيڊ) **pa p, adj.** arched; concave, محرابي، پاهر لڪتل ڇت واري بيهڪ، گنبذ صورت.

vaulting (والٽنگ) **n, adj.** vaulted work; relating to or for vaulting; vaultis collectively; inordinate, overweening, ونگ واري صورت ۾ بيهاريل، لچوڙيءَ وانگر، زمين دوز بيهڪ يا ڪوٺي، بازيگري ڪرڻ، ٽپا ڏيڻ، چال مارڻ.

vaulting-horse (والٽنگ هارس) **n.** a piece of padded gymnastic apparatus for vaulting over, گهوڙو (ڪاٺ جو) جنهن تي چال يا ٽپو ڏئي سوار ٿجي، ٽپ ڏيڻ لاءِ ٺاهيل شيءِ، (ورزش لاءِ) ڪاٺ گهوڙو.

vaulting house (والٽنگ هائوس) **n.** a brothel, چڪلو، ڪاڙهي بازار، طوائف گهر، وئشيا بيٺڪ.

vaunt[1] (وانٽ) **vi, vt & n.** to boast; to brag; to exult; to behave boastfully or exultingly; to boast; to boast of; to make known by display; a boast; boastful behaviour, بڻاڪ، بڻاڪ هڻڻ، لاف، لاف زني، خود فروشي، ٻاڙ، ٻڙ، ٽڪاءُ چوڙڻ.

vaunt[2] (وانٽ) **n.** the first part اڳياڙي، اڳواڙو، اڳيون حصو، پهريون حصو، شروعاتي، اڳڙ.

vaunt-courier (وانٽ ڪوريئر) **n.** one sent in advance; a forerunner (Fr), اڳوات موڪليل، اڳوات ويندڙ ڪارندو.

vaurien (وورين) **n.** a good-for-nothing (Fr), بي ثواب، بيڪار، ڪنهن ڪم جو نه، اجايو، نڪمو.

vavasour or **valvassor** (ولواسَور، وئلوسار) (**n.** in feudal society) a knight, noble, with vassals under him, who is himself the vassal of a greater noble, وڏيرو، رئيس، جاگيردار، ننڍو نواب، امير، زميندار.

vaward (واارڊ) **n, adj.** the van or vanguard; forefront; being in the van or front, اڳواڻو، اڳياڙي، اڳو، مهاڏو، منهن، مهاڙي، اڳڙ.

Veadar (وي آدار) **n.** an intercalary month in the Jewish calendar, following Adar in embolismic years, عبراني ڪئلينڊر جو هڪ واڌو مهينو.

veal (ويل) **n. adj.** a calf's flesh as food; a calf; of veal, گابي جو گوشت، وڇ جو گوشت، پاڏي جو گوشت، ڪچڙو گوشت، حلوان.

vealer (ويلر) **n.** a calf raised to provide veal, گوشت لاءِ تيار ڪيل گابو يا پاڏو، ڪوسڙو ڦر، ڪوسو ڦر.

vealy (ويلي) **adj.** like veal or like a calf; immature, ڪچو ڦر، ڪچو پاڏو يا گابو، نابالغ جانور.

vectograph (ويڪٽوگراف) **n.** a picture giving a three dimensional effect when looked at through special spectacles, ٽي طرفي تصوير (جيڪا هڪ خاص عينڪ سان ڏسي سگهجي)، عينڪ سان ڏسڻ واري فلم، ٽه رخي فلم.

vector (ويڪٽر) **n, vi.** a quantity having direction as well as magnitude; a carrier of disease or infection; a phage or plasmid that is used to transfer foreign DNA into a cell; the course of an aircraft, missile; a one dimensional sequence of elements within a matrix (comput); to direct an aircraft in flight to the required destination, esp by radio; to direct or change the direction, اهڙي رقم جنهن ۾ مڪمل خاصيتون هُجن، بيماري پکڙيندڙ جيوَ، مرض حامل، گندڙ، رسائيندڙ، تاپ شُرت، مرض پکڙيندڙ جيوڙا، ڪمپيوٽر جو هڪ طرفو نظام، هوائي جهازن جو هوا ۾ زمين سان رابطو ۽ اتان هدايتن جو عمل، هڪ خيالي ليڪ جنهن جي ڊيگهه ۽ طرف مقرر ڪيل هجن.

vectoring (ويڪٽرنگ) **n.** (comput) the process of transferring control in a program to an intermediate vector, (ڪمپيوٽر ۾) پروگرام کي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ يا ٻئي پروگرام ۾ موڪلڻ.

vectorscope (ويڪٽر اسڪوپ) **n.** an instrument that displays the phase and amplitude of an applied signal, of the chrominance signal in colour television,

ليلي ويزن ۾ رنگ ڏيکاريندڙ اوزار يا سرشتو.

Veda (ويدا) **n.** any one or all of, four ancient holy books of the Hindus, ويد. وڳد. هندن جا ڌرمي ڪتاب. پستڪ.

vedalia (ويڊليا) **n.** an Astralian ladybird, introduced elsewhere to control insect pests, اڏامندڙ جيتن کي ماريندڙ آسٽريليائي پکيءَ جو نالو.

vedanta (ويدانتا) **n.** the Upanishads; a system of Hindu philosophy based on the Vedas, ويدانتي، ويدن. تي ٻڌل فلسفو. ڌرمي فلسفو.

Vedda (ويدا) **n.** a member of an aboriginal people of Sri Lanka, (سري لنڪا جي) هڪ نسلي قبيلي جو نالو. ويدا. هڪ جهنگ ۾ رهندڙ قوم جو فرد.

Veddoid (ويڊائڊ) **adj. n.** of, pertaining to, or resembling, the Veddas; of a S Asian race, dark skinned and curly-haired, to which the Veddas belong, ويدن جهڙو، ويد وانگر. هڪ پراڻي هندستاني قوم. سري لنڪا جا اصلوڪا رهواسي.

vedette (وِڊيٽ) **n.** a mounted sentry positioned so as to watch an enemy; a small vessel for a similar purpose; a stage or film star (Fr), فلمي اداڪار. فلمي يا اسٽيج جو اداڪار. اهڙو هنڌ جتان دشمن کي ڏسي سگهجي. پهريدار سوار. گهوڙي سوار سنتري،ناٽڪي. ڊراما آرٽسٽ.

veduta (وِيڊوٽا) **n.** a panoramic view of a town, etc, شهر يا ڪنهن ڳوٺ جو پري کان ۽ مٿاهينءَ کان نظر ايندڙ نظارو.

vedutista (ويڊوٽسٽا) **n.** a painter of vedute (Ital), موجود شين يا ڏٺل شين جي مصوري ڪندڙ مصور. قدرتي نظارن جي مصوري ڪندڙ.

vee (وي) **n.** the twenty-second letter of the alphabet (V,v); a mark or object shaped or angled like a V, انگريزي آئيويٽا جو ٻاويهون اکر. وي شڪل شيءِ.

veer[1] (ويئر) **vi, vt & n.** to change direction, esp (of the wind) clockwise; to turn or shift round in direction or in mental attitude; to change course, esp away from the wind; to turn, wind; to shift; to turn away from the wind; a shifting round, طرف بدلائڻ. دڳ بدلائڻ. ڦيرائيون پائڻ. مڙڻ. موڙڻ. رخ ڦرڻ. بدلجڻ. گهمائڻ. ڦيرائڻ. هريو ڪرڻ. هوا رخ يا مخالف طرف ڦيرڻ. لڙڻ.

veer[2] (ويئر) **vt.** to pay out (cable, etc); to slack, رسو ڍرو ڪرڻ. رسو وڌائي ڏيڻ. رسو کولڻ. رسو ڪڍڻ.

veery (ويئري) **n.** the tawny thrush of N America, آمريڪي طوطي پکي. ٻوليندڙ پکي. ميڙهي جنس پکي.

Vega (ويگا) **n.** the first-magnitude star Lyrae, تارو. بُرج.

vega (ويگا) **n.** in Spain and S America, a low fertile plain; in Cuba, a tobacco-field (Sp), (اسپين ۽ آمريڪا جا) ميدانن سر سبز علائقا. (ڪيوبا جا) تماڪ جي آباديءَ وارا علائقا. (زمين جو) سڌو ۽ آباد حصو.

Vegan (ويگن) **n & adj.** a member of a subgroup of vegetarians using no animal produce at all; using or containing no animal products. ويشنو. سبزي خور. ڀاڄيون واپرائيندڙ. بنان گوشت جي. گوشت نه استعمال ڪندڙ.

veganic (ويگنڪ) **adj.** pertaining to manuring with material which is purely vegetable organic, سبز مادي وارو ڀاڻ ۽ ان متعلق. نامياتي ڀاڻ بابت.

vegeburger or veggieburger (ويجي برگر) **n.** a hamburger-like creation prepared from vegetables rather than meat products, ڀاڄين مان ٺهيل برگر.

Vegemite ® (وَيجي مَائِٽ) **n.** a strongly flavoured yeast extract used as a spread etc, ڊبل روٽيءَ کي لڳايو ويندڙ چٽنيءَ وارو مادو.

vegetable (ويجي ٽبل) **n, adj.** a plant or part of one used for food; a plant for culinary purposes; a person whose capabilities are so low, because of damage to the brain, that he or she is scarcely human; a dull, uninteresting person; an organism belonging to the plant kingdom; of, for, derived from, composed of or of the nature of vegetables, ٻڪر. ڀاڄيون. ڀاڄي. سبزي. ساڱي ڀاڄي. ترڪاري. نبات. ڦلهار. نباتي. ونيستي. ساڱي ترڪاري. تازي ڀاڄي. ڪمزور دماغ وارو.

vegetable butter (ويجي ٽبل بٽر) **n.** any of several butter-like vegetable fats, with the consistency of butter. ٻاڪري سٿب. نباتاتي مکڻ. ڀاڄين مان حاصل ڪيل مکڻ.

vegetable ivory (ويجي ٽبل آوري) **n.** a hard white material obtained from the endosperm of the ivory-nut, نباتي عاج.

vegetable kingdom (ويجي ٽبل ڪنگ ڊم) **n.** that division of natural objects which consists of vegetables or plants, ٻاڪري راڄ. ٻوٽن جي بادشاهت. عالم نباتات.

vegetable marrow (ويجي ٽبل مئرو) **n.** a variety of pumpkin cooked as a vegetable; the akee fruit. لوڪي ڪدو. گيها ڪدو. نباتي ڪودو.

vegetable mould (ويجي ٽبل مولڊ) **n.** mould consisting mostly of humus, نباتي مٽي. نباتي مٽي مادو.

vegetable oil (ويجي ٽبل آئل) **n.** an oil derived from plants, used in cooking, نباتاتي گيهه. بناسپتي گيهه. ٻاڪري تيل. ڀاڄين جو تيل. ڪاڇرو تيل. نباتاتي تيل.

vegetable oyster (ويجيٽبل اوئسٽر) **n.** salsify, موريءَ جهڙو ٻوٽو. موريءَ نما ٻاڙ ٻوٽو. زميني مٽر.

vegetable parchment (ويجي ٽيبل پرچ منٽ) **n.** paper treated with dilute sulphuric acid, تيزابي پاڻي لڳل پنو.

اڻ ڪار پنو.

vegetable spaghetti (ويجي ٽيبل سپاگيٽي) **n.** a variety of marrow with flesh resembling spaghetti; its flesh, ڀاڄيءَ جو قسم، مغز، ڪودو، ميڇالو، لسرين شڪل مادو، سين جي شڪل ۾ ڀاڄين جو ماڀو.

vegetable tallow (ويجي ٽيبل ٽئلو) **n.** a vegetable fat used as tallow, نباتاتي سٿي، نباتاتي تيل جو ٻجتو مادو.

vegetable wax (ويجي ٽيبل وئڪس) **n.** a wax secreted by various plants such as sumac, that protects their surface from moisture loss, حفاظتي باڪري رس، نباتاتي ميڻ مادو.

vegetal (ويجي ٽل) **adj, n.** belonging to or characteristic of vegetables or plants in general; vegetative; of a level of life below the sensitive; a plant, vegetable, باڪري تاثير ڀاڄي، نبات، نبات سبزي، حياتي واڌ، نباتاتي خاصيت وارو ٻوٽو، ترڪاري، ساڳي ڀاڄي.

vegetal pole (ويجي ٽل پول) **n.** the lower portion or pole of the ovum in which cleavage is slow owing to the presence of yolk, سنجرائيندڙ پيڄ، قطب نباتاتي.

vegetarian (ويجي ٽيرين) **n & adj.** one who abstains from animal food and lives wholly on vegetable food, with or without dairy products, honey, and eggs, سبزي خور، ڦل اهاري، ڀاڄي خور، ڀاڄيون واپرائيندڙ، ويشنو، ساتيڪو پرساد.

vegetarianism (ويجي ٽيرينزم) **n.** the theory or practice of a vegetarian, ڀاڄيون واپرائڻ جو مت، ڀاڄي پسندي، ويشنائپ، ڀاڄي خوري، سبز خوري، ڦل خوري، ڦل اهار واد.

vegetate (ويجي ٽيٽ) **vi.** to grow or live as, or like, a vegetable or plant; to grow as plants do; to increase vegetatively; to live an inactive, almost purely physical or dull life, لڳڻ، اوسر، اسرڻ، نسرڻ، ايڙڻ، ڦٽڻ، وڌڻ، ايرڻ، انگورجڻ، جمڻ، جڻ واڌ، اويڙ، حياتيءَ جا ڏينهن ڪاٽڻ، ڪاٽڻ، سمهڻ، بيڪار وقت وڃائڻ.

vegetation (ويجي ٽيشن) **n.** plants in general; the process of vegetating; vegetable growth; a plant like growth; plants growing in the mass; a plant, اويڙ، اسرڻ، وڌڻ، واڌ ويجهه، ڀاڄين جو ايراسو، نبات، نباتات، اوبر، ساوڪ، سبزي، ولڪار، وڻ ٽڻ، سبز گاهه، ولسپتي.

vegetative (ويجي ٽيٽو) **adj.** having the power of growing, as plants; having the power of producing growth in plants; concerned with the life of the individual rather than of the race; by means of vegetative organs, not special reproductive structures; relating to unconscious or involuntary bodily functions as resembling the process of vegetable growth; without intellectual activity, unprogressive, نسرندڙ، واڌڙ، اسرندڙ، جمندڙ، ايرندڙ، ايرائيندڙ، نباتي، واڌ ڪندڙ، ڦونهڙي قابل، قلمي، غير تخمي، زرخيز.

vegetative nervous system (ويجي ٽيٽو نروس سسٽم) **n.** the nervous system regulating involuntary bodily activity, as the section of the glands, the beating of the heart etc, پاڻ مرادو هلندڙ تنتي سرشتو، نباتي تنت سرشتو، انسان جي بدني عضون جو پاڻ مرادو هلڻ جو نظام(جيئن دل جو پاڻ مرادو ڌڙڪڻ هلڻ).

vegetative organs (ويجيٽيو آرگنس) **n.** leaves, stems, roots, ڦٽندڙ نباتاتي عضوا، پن، ڏانديون، شاخون، پاڙون، گل ڦل.

vegetative reproduction (وَيجي ٽيِٽو ريپراڊڪشن) **n.** reproduction by detachment of part of the plant-body, budding, چشمي يا اکول، ايراسو، نباتاتي پيدائش، قلمي نسل واڌ، نباتي نسلي توليد، پيوند، اک لڳائڻ.

vegete (ويجيٽ) **adj.** vigorous تکو، تيز، شديد، طاقتور، سگهارو، مضبوط، زور ڀريو، سگهو.

vegetive (ويجيٽو) **n, adj.** a vegetable; vegetative باڪري، اسرندڙ، ڀاڄڙ وارو، نباتاتي، جمندڙ، نسرندڙ، ايرندڙ، ڦٽندڙ.

veggie or vegie (ويجي) **n, adj.** a vegetarian; a vegetable, ڀاڄي خور، ڀاڄي کائو، ويشنو، ڦل کائو، ميوا کائو، دال خور.

vehimence (ويهي منس) **n.** ardour; violence; force, impetuosity; fury, تيزي، جوش، شدت، زور، اتساهه، وڏو زور، تندي، سختي، سرگرمي، جذبو، ڪرو جوش، زور.

vehement (ويهي منٽ) **adj.** very eager or urgent; ardent; violent; furious; marked by, or evincing, an urgency and forcefulness born of strong conviction, بيحد ضروري، تکو، زوردار،مضبوط، ڏاڍو، سخت، زوراٺو، جوش ڀريل، نهايت سرگرم، جوشيلو، زور شور سان، تُند.

vehicle (ويهي ڪل) **n.** a conveyance; a means of conveyance or transmission, esp a structure with wheels in or on which people or things are transported by land; medium for the expressing or performing of something; a substance with which a medicine, a pigment, is mixed for administration or application; a structure for carrying burdens through air or space or a rocket used to launch a spacecraft, سواري، چاڙهيڪو، گاڏي، وسيلو، واهڻ، ذريعو، وهٽ، رٿ، هوائي سواري، راڪيٽ، جهاز، ڪار، سمجهائي، سمجهائڻ جو طريقي ڪار، ابتدائي يا بنيادي مادو جنهن ۾ پيا مادا وجهي دوا ٺاهي وڃي.

vehicular (ويهي ڪيولر) **adj.** pertaining to a vehicle; using available means of conveyance, سواريءَ جو، سواريءَ جي باري ۾، سواريءَ رستي (آمد رفت).

veil (ويَل) **n, vt & vi.** a screen; a covering of fine fabric for the head, face or both, for protection, concealment, adornment or ceremonial purpose; esp the white transparent one often worn by a bride; a

nun's or novice's head-covering; a disguise or concealment; an obstruction of tone in singing; a velum; a humeral; a curtain, a covering; to cover with a veil; to cover; to conceal, disguise or obscure; to wear a veil, برقعو، آکو، گهونگهٽ، نقاب، پردو، منهن ڍڪيل، چاري، لباس، بانو، ويس، پَٽَلِ، ڍَڪَ، ڇپائڻ، لڪائڻ، نقابو، بيراڳڻ.

veiled (ويلڊ) **adj.** covered with a veil, an act of covering face with a veil ڳجهو، ڍڪيل، لڪل، ستردار، پرديدار، برقعي ۾، نقاب لڪتل.

veiling (ويلنگ) **n.** the act of concealing with a veil; a veil; light fabric used for making veils, برقعي پوشي، سَتَرَ، پردو، چاري، نقابو، برقعو، ڍڪ، پوش، نقاب لاءِ ڪپڙو.

veilleuse (وي ييز) **n.** a shaded night-lamp, چاريءَ سان ڍڪيل رات جو ٻارڻ واري بتي.

vein (وِين) **n, vt.** a blood-vessel which returns impure blood to the heart and lungs; any blood vessel; one of the horny tubes forming the framework of an insect's wing; a vascular bundle forming a rib, esp a small rib, in a leaf; a small intrusion or seam of a different mineral running through a rock; a fissure or cavity; a streak in wood, stone; a streak running through one's nature, a strain of character or ability; (a recurrent characteristic streak in) manner or style; a mood or humour; to form veins or the appearance of veins in, نَسَ، رڳ، تند، ناڙي، طبيعت، مزاج، سُر، حالت، ناڙ، دَمني، سِياهه، ڌار، ريڪ، ليڪ، (ساڳئي) سُر (مان)، (من جي) موج، لهر، ڍنگ، حالت، پن، ڪاٺ يا پٿر جي رڳ، نس، سنهيون ليڪون، اخلاقي حالت يا روش، طريقو، نمونو، طبيعت، رخ، رواج.

veining (وينِنگ) **adj.** arrangement of veins; formation or disposition of veins; streaking, نس پڌرائي، رڳ ظاهر ڪرڻ يا اپارڻ، رڳ بندي، رڳ ترتيب.

vienstone or **veinstuff** (وين استون يا استف) **n.** gangue ڪل معدن، سنگ معدن، رڳ پٿر، بيڪار مادو.

Vela (ويلا) the Sail, a southern constellation, one of the division of Argo, ڏاکڻو برج، تارن جو ميڙ.

velamen (ولي مِن) **n.** a multi-layered sheath of dead cells on some aerial roots; an enveloping membrane, of an aerial root of an orchid; a velum, هوا ۾ لڙڪندڙ پاڙون، مُردار جيو گهرڙن جو تهه، نرم غلاف، نقاب، پردو، شفاف پردو، عضوي پوش، جهلي نما پردو.

velar (ويلر) **adj, n.** of the viel or velum; produced by the back of the tongue brought close to, or in contact with the soft palate; a ciliated disc, a locomotor organ in some molluscan larvae; an in-turned rim in jellyfishes, چمڙي جو، چپ جو تارونءَ جي ويجهو آڻڻ.

ريڙهي مڇين جو اندر ورندڙ تهه، پردي دار، جهلي دار، اچار ڪرڻ لاءِ زبان جي چرپر.

velarium (ويلريم) **n.** an awning over an auditorium; in Scyphozoa, the thin marginal region of the umbrella, ڇٽيءَ جو سنهڙو پاسو، ماهي پردو، جاءِ مٿان ڪپڙي يا ڪتان جي ڇت، سائبان.

velarize (ويلرائز) **vt.** to pronounce a non-velar sound with the back of the tongue brought close to the soft palate, esp through the influences of a vowel sound, تارونءَ وارو آواز پيدا ڪرڻ، اچارڻ جو نمونو، صحيح اچار ڪرڻ جو طريقو.

velate (ويليٽ) **adj.** having a velum, چماٺون تهه، پردي پوش، نقابدار، پرديدار.

velatura (ويلاٽورا) **n.** a method of glazing a painting by rubbing with hand (Ital), چمڙي ڪي اگهي چلڪشو ڪرڻ، چمڪائڻ، (تصوير کي) هٿ سان مهٽي صاف ڪرڻ.

Velcro ® (ويلڪرو) **n.** a nylon fastening material for clothes, consisting of two facing layers, the one composed of tiny hooks, the other of tiny loops, strips of which, attached one on either side of an opening, form a secure closure when pressed together, نائلون جي ڪپڙي جون ٻه پٽيون جيڪي تهه ڪرڻ يا ملائڻ ۾ پاڻ ۾ چڱيءَ طرح چنبڙي وڃن، نر ماد پٽي، نائلون جو چنبڙندڙ پٽيون.

veld or **veldt** (فيلٽ) **n.** in South Africa, open, unforested, unenclosed or thinly forested grass-country, (ڏکڻ آفريڪا جا) گاهه جا کليل ميدان، غير ٻيلائين زمين، چراگاهه.

veldschoen or **veldskoen** (فيلٽ اِسڪون) **n.** a strong suede or leather shoe or boot, سٺي ۽ مضبوط چمڙي سان ٺهيل بوٽ، بوٽ، جوتو، سليپر.

veleta or **valeta** (ولِيٽا) **n.** a ballroom dance or dance tune in quick waltz time, ويليٽا ناچ، تيز ناچ، ٺماڪڙي وارو ناچ.

veliger (وليجَر) **n.** a free-swimming mollusc larva with a velum, پردي ڪينئون، غلافي ڪينئون، (لاروا) ڪچو ڪينئون.

velitation (ويلي ٽيشن) **n.** a slight skirmish or controversy. ننڍي جهڙپ، فوجين جي جهڙپ، هلڪي چتاپيتي، هلڪو مقابلو.

vell (وَيل) **n.** the fourth stomach of a calf, used in making rennet, چوپائي جانور جي پيٽ جو آخري حصو، ٻئي اوجهه جو چوٿون حصو، کير پياڪ ڳائي ياماهي ڦر جي معدي جو آخري حصو جيڪو کير جمائڻ لاءِ ڪم آندو وڃي ٿو.

velleity (ويلي اٽي) **n.** a low degree of violation, or one in its lowest form; mere inclination, هلڪي قسم جي پيڪڙي، ڏلي واڻي نمونې پاسو ڪڻ، تعلق رکڻ، پاسخاطري.

vellicate (ويلي ڪيٽ) **vi.** to twitch چمڪڻ، کسڻ، چنڊڻ، ڏنگو ڏئي چنڊڻ، پٽڻ، مروٽڻ، چڪي يا چهي ڏيڻ، (لڱ) مروٽجڻ.

Vellozia (ويلوزيا)**n.** the Brazilian tree-lily genus, giving name to an African and S American family, related to the amaryllids, (برازيلي) وڻ جو نالو، نيلوفر گلن جهڙا گل ڏيندڙ وڻ.

vellum (وَيلم) **n & adj.** a fine parchment, prepared by lime-baths and burnishing from the skins of calves, kids, or lambs; a manuscript, printed or written on vellum; a superior quality of writing paper; made of, printed on, vellum, چمڙو، اچي قسم جو ڪاغذ، عمدو ڪاغذ، مشيني صاف چمڙو، ورق، لکڻ جو چمڙو، چمڙي تي لکيل يا ڇپيل مواد.

veloce (ويلوچا) **adv. adj.** (music) with great rapidity (Ital). (سازيتو)، تکيرو، تيز رفتار، تکڙي وجت.

velocimeter (ويلاسي ميٽر) **n.** an instrument that measures velocity, رفتار ماپڻو، رفتار پيما، رفتار ماپڻ جو اوزار.

velocipede (ويلاسي پيڊ) **n. adj & vi.** an early form of bicycle, one propelled by the rider with feet on the ground; a swiftfooted person; swift of foot; to ride a velocipede. هلڪي پير وارو، تکو ماٺهو، جهوني سائيڪل جيڪا زمين تي پير رکي هلائبي هئي، پيرن سان هلندڙ سائيڪل، پير گاڏي.

velocity (ويلاسٽي) **n.** rate of motion (distance per unit of time) in a stated direction; speed, rapidity. نور يا رفتار جو ملهه، نورڪٽ، رفتار، تيزي، تيک، چوهه، تکائي، تيز رفتاري، رفتار جو حساب، رفتار جو پيمانو، ڊَڪ، ڊوڙ.

velodrome (ويلا ڊَرم) **n.** a stadium containing a cycle-racing track (Fr), سائيڪل ڊوڙ وارو رانديڻ جو ميدان.

velours or **velour** (وِلوَر) **n, adj.** a plush fabric with velvet-like pile; a polishing pad for silk hats. چلڪائيندڙ بخمل جو ڪپڙو، فلالين جو ڪپڙو، صفائي جو ملائم ڪپڙو.

veloute or **veloute sauce** (ولوٽي ساس) **n.** a smooth white sauce made with stock or roux of butter and flour (Fr), اڇي رب جيڪا رڌيل شين جي شوروي مان نهي، يخني، رَس، شورو.

velskoen (فيلسڪون) **n.** a shoe made of rawhide اڻ رنگيل چمڙي جو بوٽ، سادي چمڙي جو جوتو.

velt-mareschal (فيلڊ مارشل) **n.** a field marshal (Scot), فيلڊ مارشل، اعلي جنرل.

velum (وَيلم، وَيلوم) **n.** an integument or membrane; the membrane joining the rim of a young toadstool with the stalk; the pendulous soft palate; a ciliated disc, a locomotor organ in some molluscan larvae; an in-turned rim in jellyfishes, تهه، پردو، نقاب، غلاف، شفاف پردو، عضوي پوش، جهلي نما پردو، تارونءَ جو سنهو پردو.

veloutine (ويلوٽين) **n.** a velvety corded wool fabric, اوني ڪپڙي جو هڪ قسم، بخملي ڪپڙو، ڌاڳيدار ڪپڙو.

velure (وِلوَر) **n, vt.** velvet; a velours; to dress a hat with a velours, چلڪشي ٽوپي يا ٽوپلو، بخمل جهڙو ڪپڙو، ترڪيءَ ٽوپيءَ لاءِ ڪپڙو، پشمي ڪپڙو.

velutinous (ولوٽينس) **adj.** velvety (Fr), بخملي، پشمي، ملائم.

velvet (ويل وِٽ) **n, adj.** a silk, cotton, fabric with a soft closecut pile; any of various other valvety fabrics; the velvetlike covering of a growing angler; a velvety surface or skin; gains, winnings; made of or like velvet; soft or smooth like velvet, چمڙي جو چلڪندڙ حصو، چلڪشو لباس، بخمل، نرم، ملائم، بخملي، ريشمي بخمل، قطيفو، لسو، فائدو، نفعو، کٽيل رقم.

velvet ant (ويل وٽ انٽ) **n.** a wasp of the family Mutillidae, چلڪشو ڏينبو، بخملي ڏينبو،بنا پرن وارو ڏينبو جيڪو ماکيءَ جي ماناري ۾ رهي انهن جا ٻچا کائيندو آهي.

velvet-crab or fiddler (ويل وٽ ڪريب يا فڊلر) **n.** a swimming crab with velvety pile, ڪيڪڙو، بخملي ڪيڪڙو.

velvet-duck or **scoter** (ويل وٽ ڊڪ يا اسڪوٽر) **n.** a black duck with a white mark on its wing, چلڪشي ٻدڪ، اڇن چٽڪن واري ڪاري ٻدڪ، سامونڊي بخملي ٻدڪ.

velveteen (ويل وٽين) **n.** a cotton fabric with a pile like velvet; trousers made of this; a fabric similar to velvet, چلڪشو ڪپڙو، بخملي سوٽي ڪپڙو، فلالين جو ڪپڙو، سوٽي بخمل.

velvet-leaf (ويل وٽ ليف) **n.** false pareira; tree-mallow, بخملي پن، بخملي پن گل، گل خيرو.

velvet-paper (ويل وٽ پيپر) **n.** flock paper, لسو پنو، چمڪندڙ ۽ تلهو پنو، بخملي پنو.

velvet-pile (ويل وٽ پائل) **n.** material with a soft nap, نرم ۽ صاف ڪپڙو، لسو ڪپڙو، بخملي ڪپڙو.

vena (وينا) **n.** a vein, نس، رڳ.

vena cava (وينا ڪيوا) **n.** either of the two major veins taking venous blood to the heart, شاهه نس، وڏي رڳ، شاهه رڳ، هرڊي نس.

venal (وينل) **adj.** venous; ready to accept a bribe; open to bribery; able to be bought over; corruptly mercenary, رڳائون، نس، رڳن ۾ سمايل، ويڪائو، پئسي جو پٽ، رشوت خور، لالچي، لوڀي، وڍي خور، پاڙي تي رکيل، پاڙيتو ويڙهاڪ، خريدڻ جهڙو، ملهه وارو.

venatic or **venitical** (وِنٽڪ، وِنٽڪل) **adj.** relating to hunting, شڪار سان لاڳاپيل.

venation (وني شَن) **n.** a system of arrangement of blood vessels or of the veins of a leaf or an insect's wing; hunting; a hunt, شڪار ڪرڻ، شڪار، رتائڻ نسن جو سرشتو، رڳ بندي، نس ترڪيب، نسن جو سرشتو، رڳن يا نسن جي ترتيب ۽ نباتات.

venator (وني ٽر) **n.** a huntsman, hunter, شڪاري، آهيڙي، ماري.

vend (وينڊ) **vt & n.** to sell or offer for sale, deal in, in a small way; to utter; a sale; the amount sold, وڪڻڻ يا وڪري جي آڇ، وڪري جو مقدار، وڪرو، هوڪو ڏيڻ، ننڍي پيماني وارو ڪاروبار.

vendange (ونڊنج) **n.** the grape harvest انگور جو لابارو.

vendee (وينڊي) **n.** a buyer; the buying party in a sale, esp of the property, ملڪيت جو خريدار، ڳنهندڙ، وڪري ۾ خريد ڪندڙ ڌر.

vendetta (وينڊيٽا) **n.** a blood-feud; any similarly prolonged, violent, feud or quarrel (Ital), تڪرار، خوني فساد، جهيڙو، نسلي قبائلي ويڙهه، پلاند واريون لڙايون، بدلي واريون ويڙهون.

vendible (وينڊِبَل) **adj.** that may be vended or sold, offered for sale, or readily sold; a thing for sale; a possible object of trade, وڪري جوڳو، وڪڻڻ جو، ويڪو، ويڪو مال، ويڪائو.

vending machine (وينڊنگ مشين) **n.** a slot-machine dispensing esp food or cigarettes, (پيسن وجهڻ سان) پاڻ مرادو کاڌو يا سگريٽ ڏيندڙ مشين.

vendor or **vender** (وينڊر) **n.** a vender; a seller; a vending machine, گهورڙيو، وڪڻندڙ، وڪرو ڪندڙ مشين يا ماڻهو، مانڊڻيءَ وارو، وڻجارو، خوانچي وارو.

vendue (وين ڊيو) **n.** a public auction sale (Du), ڪليو نيلام، عام نيلام، نيلامي.

veneer (ونيئر) **vt & n.** to overlay or face (coarse wood), with a veneer, thin sheet of fine wood or other material; to disguise with superficial refinement; a thin facing for veneering; a specious outward appearance of good quality, refinement, respectability; a grassmoth, from its markings, پوش، سونهن پيدا ڪرڻ لاءِ ڪاٺيءَ جو پوش ٺاهڻ، (ڪاٺيءَ جو) تهه باهريون ملمعو، ڪاٺ جو جيت، مڪڙ ،چاڙهڻ، چيپ، چيپ پٽي، جنس جيت.

veneering (ونيئرنگ) **n.** material used as veneer, پوش لاءِ ڪم ايندڙ سامان، تهه بندي، ملمعي ڪاريءَ واري پٽي يا مادو.

venefic or **venefical, veneficious, veneficous** (ويني نڪ، فڪل، ويني فشس، فڪس) **adj.** acting by poison or potions or by sorcery, زهريلو، زهر پريل، زهرن سان علاج ڪرڻ، جادوءَ سان علاج ڪرڻ، هڙادو دوائون استعمال ڪرڻ، جڙي ٻوٽين وارو علاج.

venepuncture or **venipuncture** (ويني پنڪچر) **n.** the puncturing of a vein esp. with a hypodermic-needle, to draw off a sample of blood or inject a drug, نس کولڻ، رت وهائڻ، نس ڪٽي دوا وجهڻ، رڳ ذريعي دوا جسم ۾ داخل ڪرڻ.

venerable (وينربل) **adj.** worthy of reverence; deserving respect; hallowed by associations or age; aged-looking; an honorific prefix to the name of an archdeacon, or to a person in process of canonization, بزرگ، معزز، ماناڻتو، نيڪ مرد، پوڄ، پاڪ، مقدس، قرباڻتو، آدر جوڳو، مذهبي اداري جو سربراهه، نواب، سردار، جاگيردار، عزت وارو، چڱو مڙس، پوڙهو، ڪراڙو، ٻڍو، وڏي عمر جو نظر ايندڙ.

venerate (وينريٽ) **vt.** to revere, to reverence; to regard as sacred. عزت ڏيڻ، ميڃنا، مڃڻ، تعظيم ڏيڻ، سنمان ڏيڻ، معزز ڄاڻڻ.

veneration (وينريشن) **n.** the highest degree of respect or reverence; the act of venerating; the state of being venerated; awed respect, مان، ڏاڍو ادب، تعظيم، عزت، سنمان، ميڃنا، آدرمان.

venereal (وينريل) **adj.** pertaining to sexual desire or intercourse; transmitted by sexual intercourse; relating to or affected by venereal disease, جنسي ميلاپ رستي چڙيل، جنسي روڳ، جماع، جماعي، جنسياتي، آتشي، مُبهي، آتش انگيز، جماع جو، مباشرت سان تعلق رکندڙ، جماع ڪري ٿيل (بيماري).

venereal disease (وينريل ڊزيز) **n.** any of various contagious diseases characteristically transmitted by sexual intercourse, جنسي ميلاپ رستي ڦهليل بيماري جهڙوڪ باد فرنگ، آتشڪ، سوزاڪ، پرميل، جماعي بيماري، امراض خبيثه.

venerean (وَينرين) **adj.** relating to Venus or her service or to sexual desire or intercourse; a person addicted to sexual gratification, جنسي ميلاپ لاءِ آتو رهندڙ (ماڻهو)، وينس ديويءَ جو، شهوت پرست، شهوت جو غلام، شهوتي.

venereology (وينريولاجي) **n.** the scientific study of the venereal diseases, جنسي ميلاپ جي بيمارين جو علم ۽ سکيا.

venerer (وينرر) **n.** a gamekeeper; a hunter, شڪاري، ماري، شڪار جي سنڀال ڪندڙ، آهيڙي.

venerous (وينريس) **adj.** lustful; venereal; aphrodisiac لست ڏيندڙ، شهوت انگيز، شهوت وڌائيندڙ، لذت وارو.

venery[1] (وينري) **n.** the pursuit of sexual gratification; sexual intercourse. جماع، سنجوڳ، لڳ، ميلاپ، شهوت، پوڳ، صحبت، مباشرت.

venery [2] (وينري) **n.** hunting; game, شڪار، شڪار بازي.

venesection (وينا سيڪشن) **n.** surgical incision into a vein, blood letting; phlebotomy; the opening of a vein so as to let blood as a remedial measure, رڳ تراشي، نشتر ڪاري، لس ڇيھہ، سير کولڻ، رڳ کولڻ، فصد ڇوڙڻ.

Venetian (ويني شَن) **adj & n.** of or belonging to Venice; a native or inhabitant of Venice, in NE Italy; a Venetian blind, وينس جو، وينس شهر جو رهاڪو، پٽين جو پردو، جهرمري.

Venetian blind (وني شن بلائنڊ) **n.** a window-blind of horizontal slats adjustable to let in or keep out light روشنيءَ جي روڪ لاءِ ڪم ايندڙ پردو، چڪ، پٽين جو پردو، جهرمري.

Venetian glass (ويني شن گلاس) **n.** very delicate glassware made at Murano, near Venice, هلڪو نفيس شيشو، سنهو شيشو.

Venetian mast (ويني شن ماسٽ) **n.** a spirally banded pole for street decoration, سينگاريل ٿنڀ، سينگار جو ٿلهہ.

Venetian red (ويني شن ريڊ) **n.** a reddish pigment of ferric oxide, رنگيندڙ جزو (جيڪو رت کي ڳاڙهو ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو)، ڳاڙهي رنگ جو جزو.

Venetian window (ويني شن ونڊو) **n.** a window with three separate openings, the central one being arched and highest, ٽہ تاڪي دري (جنهن جو وچون تاڪ وڏو ۽ گولائيءَ ۾ هجي).

venge (وينج) **vt.** to avenge, پلءُ، بدلو، وير، انتقام، پلاند.

vengeable (وينج ئبَل) **adj.** revengeful; destructive; extraordinarily great, ويري، دشمن، نهايت مٿانهون، عظيم، مها، نقصانڪار، زيان خور.

vengeance (وينجنس) **n, adv.** the inflicting of injury in punishment or revenge; penal retribution; harm, mischief; a curse; extremely, exceedingly, تڪليف پهچائڻ، زخم رسائڻ، بدتميزي، هايو، انتهاپسندي، بدلو، وير، انتقام، پلاند، غضب، قهر، پاڙو جهاڙو.

vengeful (وينج فل) **adj.** full of vengeance; eager for revenge; vindictive; retributive, retaliatory بدلو وٺڻ لاءِ آتو، ويڙهاڪ، بغضي، ساڙيو، ساڙيڙو، وير وٺندڙ، انتقامي، ڪندو، ڪاري، ويري، بغض ساڙيندڙ، ڪيني وارو، ساڙيلو، بد مزاج.

vengement (وينج مينٽ) **n.** vengeance, penal retribution, عداوت، وير، بدلو، پورو عيوضو، ڏوهہ مطابق سزا، قانوني قدم.

venger (وينجر) **n.** an avenger وير پاڙيندڙ، دشمن، ويري، ڪيني وارو.

venial (وينيل) **adj.** (of a sin or fault) pardonable; excusable; permissible, عَفوَ پذير، معافيءَ جوڳو، ڪميا جوڳو، صغير يا هلڪو (پاپ).

venial sin (وينيل سِن) **n.** sin other than mortal, قتل کانسواءِ ڪوبہ ڏوهہ، صغيرو گناهہ.

Venice (وينس) **n, adj.** a city and former republic of Italy; Venetian, اٽليءَ جو اڳيون پرڳڻو، گاديءَ جو هنڌ، وينس شهر، وينس جو رهاڪو.

Venice gold (وينس گولڊ) **n.** gold thread made in Venice, سوني تند (وينس ۾ ٺهيل).

Venice treacle (وينس ٽريڪل) **n.** a supposed antidote for all poisons, of many ingredients, (گهڻن قسمن جي زهرن لاءِ) ترياق، ترياقي مادو.

Venice turpentine (وينس ٽرپينٽائن) **n.** larch turpentine, formerly shipped from Venice (Fr), (وينس جو) تارپين تيل.

venidium (ويني ڊيم) **n.** a plant native to S Africa, of the Venidium, genus, having yellow or cream flowers, آفريڪي پيلن گلن وارو ٻوٽو.

venin (وين) **n.** any of various toxic substances in venom, زهر، وهہ، وِک، زهر جو جزو.

venire (venire facias) (وينائري) **n.** a writ issued to a sheriff requiring him to cause a certain number of qualified persons to appear in court at a specified time so that jurors may be chosen from them; the persons so caused to appear, پيشيءَ جو سڏ، ماهرن کي ڪورٽ طرفان مدد لاءِ گهرائڻ، ماهرن جو عدالت ۾ پيش ٿيڻ، ماهرن کي عدالت ۾ پنچن طور مدد لاءِ سڏ.

venireman (وينائري مئن) **n.** a juror فيصلي ۾ شامل چڱو مڙس، پنچ، امين، جرگي جو ميمبر.

venison (ويني زن) **n.** deer's flesh as food; any game animal, its flesh as food, شڪار وارو گوشت، هرڻ جو گوشت.

vennel (وينل) **n.** a lane (Fr), گهٽي، گهٽ، ڏکڻ، رستو، لنگهہ، واٽ، راهہ.

venom (وينم) **n, adj & vi.** poisonous fluid secreted by certain snakes and various other creatures, introduced into the victim by a bite or sting; spite; malice; malignity; virulency; poisonous; to poison: to envenom, زهر، وهہ (خاص ڪري نانگ، بلا، ڪپر، لنڊي، ڏيڊر ۽ ڪرڙين جو زهر)، زهريلو پائيٺ، زهريلو، وِک، ساڙ، ڪنو ٿيڻ، بغض، ڪينو، زهريلو بنائڻ، زهر ڏيڻ.

venomed (وينمڊ) **adj.** venomous; charged with poison, envenomed, زهريلو مواد، زهريلو وايو منڊل، ساڙيلو، ڪيني باز.

venomous (وينومس) **adj.** full of venom; poisonous; having power to poison, esp by bite or sting; malignant, full of spite, زهريلو، وهائيل، وسهر، زهري، زهردار،

وک پريل، بد خواهہ، ڪيني پريل.

venose (وينوس) **adj.** having numerous branched veins, veiny; veined; with very marked veins (L), رڳائون، رڳدار، ڪثير رڳ، رڳ ڄارو، ايريل رڳن وارو.

venosity (وينوسٽي) **n.** the state or quality of being venous or of having or being like venous blood, غير صالح رتائين صلاحيت، رڳ ڄار، رڳ خون زيادتي، رڳن ۾ رت پرجي وڃڻ، شريان ۾ رت گهٽ ٿيڻ سبب رت جي دوري جو سست پوڻ.

venous (وِينس) **adj.** pertaining to, or contained in veins; full of veins; (of blood) deoxygenated and in human beings, dark red in colour; veined, venose. رڳ، نس، رڳن بابت، نس بابت، مشڪائون، نس سان تعلق رکندڙ، نسائون رت.

vent[1] (وينٽ) **n.** a slit in a garment, in the back of a jacket; a crenel (Fr), درز، وٿي، چاڪ، (واسڪوٽ ۾) پنيان چذيل چاڪ.

vent[2] (وينٽ) **n, vt & vi.** a small opening, aperture, flue or funnel; an outlet; ; an airhole; a touch-hole for firing a cannon; a volcanic orifice; an animal's or bird's anus; a chimney flue; an outlet; an emission, discharge or escape, esp of gas, smoke or a liquid; an otter's rise to the surface for breath; the opening in a parachute canopy through which air escapes at a controlled rate; to give a vent or opening to; to let out, as at a vent; to allow to escape; to publish, utter; to discharge, emit, pour forth; to scent; to sniff at; to lift or open so as to admit air; to have or find an outlet; to discharge smoke, to function as a chimney, draw; to sniff or snuff; (of a beaver or otter) to take breath or rise for breath, سوراخ، منهن، تنگ، نيڪال، ڳٽي، هوا، واڻڪ، دونهين ڪش، چيد، گذارو، هوا جو رستو، واٽ، واهہ، سوراخ ڪڍڻ، ٻاهر ڪڍڻ، (ڪاوڙ) چنڊڻ، پئراشوٽ جو هواخارج ڪرڻ جو ننڍو سوراخ، لڌڙي جو پاڻيءَ مان ٻاهر نڪري ساهہ کڻڻ، هارڻ، وهائڻ، نيڪال ڪرڻ، سنگهڻ، سڻڪڻ، وائکو ڪرڻ، هوا ڏيڻ، چپڻ، ڪئميرا جو تصوير ڪڍڻ لاءِ سوراخ، ظاهر ڪرڻ، ٻڌائڻ، چوڻ، شايع ڪرڻ، ٻَخارو، منگهہ.

vent[3] (وينٽ) **n, vt.** a sale; a market; to sell, وڪرو، ويڪو، مارڪيٽ، وڪرو ڪرڻ، وڪري جي جاءِ.

ventage or ventige (وينٽيج) **n.** a finger-hole, as in a flute; a small hole, as of a musical instrument. سازن ۾ سوراخ، وٿي، ٿنگ، بين جا ٿنگ.

venter[1] (وينٽر) **n.** a person who utters or publishes; چپيندڙ، چوندڙ، ظاهر ڪندڙ، ٻڌائيندڙ.

venter[2] (وينٽر) **n.** the belly or abdomen; the uterus; a womb or mother; a swelling or protuberance; a medial swelling; the dilated basal part of an archegonium; a shallow concave surface of a bone; the upper side or surface of a leaf, پيٽ، شڪم، حمل، اميد واري، ڳورهاري، ڊڪي، پن جو مٿيون لسو پاسو، ڊِڍَ، رحم، ٻچي دان، ٻار پرورش جاءِ، هڏي جو کهبَ، سوڄ، ٻاهر نڪتل، سڳل، هڏي جو ايريل حصو.

vent-hole (وينٽ هول) **n.** a hole for admission or escape of air, fumes, or to admit light, مَنهن، سوراخ، ٻَنيو، هواڪش، هواگير.

ventiduct (وينٽي ڊڪٽ) **n.** an air passage; a ventilating pipe or passage, هوا جي لنگهہ وارو پائيپ، هوا جو سوراخ، هوا نلي، هوا ڪش.

ventifact (وينٽي فيڪٽ) **n.** a stone shaped by wind-blown sand, گهلندڙ هوائن ڪري خاص شڪل وٺندڙ پاهڻ يا پٿر.

ventil (وينٽل) **n.** a valve in a wind instrument for giving sounds intermediate between the open harmonics in wind instruments; a valve in an organ for controlling the wind supply to various stops, هوا سان وڄندڙ ساز جو سر تال پيدا ڪندڙ منهن يا نيڪال، ساز جو ٻوجهہ وارو حصو.

ventilate (وينٽي ليٽ) **vt.** to winnow; to open or expose to the free passage of air; to provide with ducts for circulating air or for escape of air; to cause blood to take up oxygen, by supply of air; to supply air to lungs; to expose to examination and discussion, to make public; to fan, winnow, blow upon, هوا جو لنگهہ پيدا ڪرڻ، شين يا جاين کي هوادار ڪرڻ، هوا خور، ساهہ کڻڻ ۾ ڪڍڻ، رت کي آڪسيجن ڏيڻ، آڪسيجن ڏيڻ، وائکو ڪرڻ، هوادار ڪرڻ، هوڏ، ويچار ۽ بحث لاءِ پڌرو ڪرڻ، هوا لاءِ کولي ڇڏڻ، ظاهر ڪرڻ، (عام ڳالهہ) عام لاءِ کولڻ، بحث مباحثو ڪرڻ، پنهنجا خيال ظاهر ڪرڻ، طبع آزمائي ڪرڻ.

ventilator (وينٽي ليٽر) **n.** a contrivance for introducing fresh air; a machine which ventilates the lungs of a person whose respiratory system is not functioning adequately; a person, animal or object that causes ventilation, هوا دار لنگهہ، هٿراڌو ساهہ کڻائڻ جو طبي يا مشيني طريقو، ساهہ کڻائيندڙ (ماڻهو يا جانور)، هواڪش، بادبان، منگهہ، هوادان، روشن دان، ڳڙکي، بادگير، بادوان، هوادار ڪندڙ، ٻخارو، جهروڪو.

ventose (وينٽوس) **adj.** windy; flatulent; puffed up with conceit, هوادار، بادي پيدا ڪندڙ، هوا سبب ڦڪندڙ، ٺڪيءَ ڀريل.

ventouse extraction (وينٽوز ايڪسٽريڪشن) **n.** a method of obstetric delivery using a vacuum suction cup on the crown of the baby's head (Fr), هٿراڌو نموني ٻار ڄڻائڻ جو طبي طريقو، مشين رستي ٻار ڇڪي ڪڍڻ.

ventral (وينٽرل) **adj.** belonging to the belly; abdomi-

nal; on the upper side or towards the axis; on the side normally turned towards the ground; a ventral fin, پيٽ، شڪمي، انقي، پيٽ جو، اُبو، ايسرو، پيٽو، پيٽائون، معدو، هيٺيون پاسو، (مڇيءَ جون) پيٽ واريون کنيڙيون.

ventral fin (وينٽرل فن) **n.** either of the paired fins placed on the belly of a fish, مڇيءَ جون پيٽ واريون کنيڙيون.

ventral tank (وينٽرل ٽئنڪ) **n.** an auxiliary fuel tank, fixed or able to be jettisoned, mounted externally under the fuselage, (هوائي جهاز لاءِ) ٻارڻ واري تيل جي وڌيڪ ٽانڪي، ٻاهرين ٽانڪي.

ventre a terre (وينٽريٽر) **n,** belly to the ground; at high speed (Fr), پيٽ ڀر، تيزيءَ سان هلندڙ.

vug (وگ) **n.** a Cornish miner's name for a cavity in a rock, usu lined with crystals, (جبل جي) چاڙ، چيرو، ڏار، ٿوت، سنهو لڪ.

Vulcan (ولڪن) **n.** the god of fire and metal working; a planet; one postulated between the sun and mercury; a blacksmith or an iron-worker, اگن ديوتا. باهه جو ديوتا. سيارو. گرهه. تارو. لوهار. برندڙ. آتشي. لوهه جي ڪارخاني جو مزدور. لوهه جي بنيءَ جو پورهيت.

Vulcanian (ولڪنين) **adj.** of, pertaining to, like, related to, sprung from or made by Vulcan; volcanic; of a volcanic eruption which discharges gases and ash but little or no lava, باهه جي ديوتا جو. اُن متعلق. اُن بابت. اُن سان واسطيدار. آتشي. برندڙ جبل مان نڪتل هوا ۽ گئس. هوا ۽ گئس ڪيندڙ جبل.

vulcanic (ولڪنڪ) **adj.** volcanic, آتشي. برندڙ جبل متعلق. جوالا مکي. برندڙ. آتشي.

vulcanicity (ولڪني سٽي) **n.** volcanic action or phenomena, volcanicity, آتشي خاصيت. برندڙ جبل جو قاتڻ يا گئس ۽ هوا ڪيڙڻ.

vulcanite (ولڪنائٽ) **n.** the harder of the two kinds of Indian vulcanized rubber, the softer kind being called soft rubber; a general name for any igneous rock of fine grain-size, گندرفي. ربڙ. گندرف مليل ربڙ. داڻي دار نڪر. واريءَ وانگر سنهن ذرن وارو پٿر. وارياسو پٿر.

vulcanize (-s-) (ولڪنائز) **vt, vi.** to treat rubber, with sulphur or sulphur compounds; to harden; to improve its strength or otherwise modify its properties; to undergo such treatment, گندرفي ڪرڻ. ربڙ ۾ گندرف جي ملاوٽ ڪرڻ. گندرفي بنائڻ.

vulcanized fibre (ولڪنائزڊ فائبر) **n.** a fibre obtained by treating paper pulp with zinc chloride solution, used for low-voltage insulation, گندرفي چادر. گندرفي مادو.

vulcanology (ولڪنولاجي) **n.** the scientific study of volcanoes and volcanic phenomena, برندڙ جبلن بابت سائنسي علم ۽ اڀياس. جبلن جي ڦاٽڻ جو مطالعو ڪرڻ.

vulgar (ولگر) **adj, n.** unrefined; (of language) coarse; lacking in taste, manners, delicacy, spiritually paltry; vernacular; common; coarse; ignoble, debased, or pretentious, pertaining to the common people; plebeian; vernacular; public; usual, customary; common to all; prevalent; common place; the common people; one of the unrefined, of the uneducated or of those not in good society; the common language of a country; a class of inferior persons, عام، رواجي، گهٽ قسم جو. سادارڻ لوڪ. ڪشيل. ڪميڻو. تيچ. لڪڙ. گهٽ. ڦاريو. اڻ پڙهيل. جهنگلي. بازاري بولي. گارگند. سادي بولي. اگهاڙو. ڪچو (حرف). ريجالو. عوام. عام ماڻهو. جاهل. لوفر. رولو. ديسي بولي. جهنگلي ماڻهو،چٽ. واهيات.

vulgar fraction (ولگر فريڪشن) **n,** a fraction written in the usual way (one number above another, separated by a line), as opposed to a decimal fraction, وهنواري اڌپور. انگن کي هيٺ مٿي لکڻ (انهن جي وضاحت ڪرڻ جيئن ۰.۵ بجاءِ هڪ ٻاڱي ٻه.

vulgarian (ولگرين) **n, adj.** a vulgar person; a rich unrefined person, بد تهذيب. بداخلاق. گار گند ڪندڙ. بڪندڙ. ڪچو ڳالهائيندڙ. لوفر. جاهل. نئون شاهوڪار. سيٺيو. پوءِ ڊائو.

vulgarism (ولگرزم) **n.** a vulgar phrase or expression; vulgarity; coarseness; an instance of this, چنڪو محاورو. اڀياشا. فاحش زبان. ڪشبد. فحش زبان. واهيات ڳالهايو. بدزباني.

vulgarity (ولگرٽي) **n.** the quality of being vulgar; an instance of this جهنگلي پڻ. نڪرائي. غلاظت. ريجالائي. ناشائستگي. ڪسيلتا،

vulgarize (-s-) (ولگرائز) **vt.** to make common or ordinary; to popularize (and therefore spoil to some extent); to make unrefined or coarse, عام چنڪو بنائڻ.

ڪرڻ. ڪچو ڳالهاءُ. ڪچا لفظ. گار گند. فحش زباني. ڪَهرائي. واهيات گفتگو.

vulgar tongue (ولگر ٽنگ) **n.** the vernacular ٻهراڙيءَ جي ٻولي. جهنگلي يا علائقائي ٻولي. ديسي ٻولي. اڳهاڙي زبان. غير ادبي ٻولي.

Vulgate (ولگيٽ) **n, adj.** a Latin version of the Scriptures, made by St. Jerome and others in 4c,\ comparable accepted text of any other book or author; of or pertaining to the Vulgate commonly used or accepted; بائبل جو قديم لاطيني ترجمو جيڪو سند طور ڪتب اچي. سندي. تصديق ٿيل بائيبل يا انجيل مقدس.

vulgo (ولگو) **adv.** commonly, popularly, عام. مشهور. اڪثر. عام طرح. گهڻو ڪري. رواجي. عام رواجي.

vulgus (ولگس) **n.** the common people; in some public schools, a short verse task in Latin, عوام. عام ماڻهو. لاطيني ٻوليءَ جي چوڻي. لاطيني بيت ۽ شعر.

vulnerable (ولنربل) **adj.** capable of being physically or emotionally wounded or injured; liable to injury; open to successful attack; capable of being persuaded or tempted, زخم کائڻ جهڙو. زخم بردار. نازڪ. سنڌائتو. هنڌائتو. جرح پذير. رحم جوڳو. نازڪ هنڌ. جراحت پذير. قابل زخم. مرم آستان.

vulnerary (ولنرري) **adj, n.** pertaining to wounds; useful in healing wounds; a plant useful in curing wounds, ملم. مرهم. زخم ڇٽائيندڙ دوا. زخم ڀرڻ واري دوا. شافي زخم. ڦٽ ڇٽائيندڙ مادو.

vulnerate (ولنريٽ) **vt.** to wound, زخمي ڪرڻ. ڦٽڻ. جامرت ڪرڻ. ڪٽڻ.

Vulpes (ولپيز) **n.** the genus of animals which includes the common fox, جنس لومڙ (جانور). جنس لوڪڙ.

vulpicide (ولپي سائڊ) **n.** the killing of a fox, except in hunting; a fox-killer, روباهه ڪشي. لومڙ ڪشي. لومڙ ماريندڙ. لومڙ مار. لومڙ جو شڪاري.

vulpine (ول پائين) **adj.** of, pertaining to or like a fox; cunning, crafty. لومڙ جهڙو. مڪريلو. لوڪڙ جهڙو. مڪريلي. روباهي.

vulpinite (ولپنائٽ) **n.** a variety of gypsum employed for small statues; a granular scaly form of the mineral anhydrite, جپسم جو ننڍو پٿر. معدني ڌاتوءَ جو قسم.

vulsella (ولسيلا) **n.** a forceps with toothed or clawed blades, ڏنديدار (البوريون). ڏندن واري چپٽي يا جنبور.

vulture (ولچر) **n.** any of a number of large rapacious birds of prey, feeding chiefly on carrion; one or a thing that resembles a vulture, ڳجهه پکي. سانباهو. ڳجهه شڪل. ڳجهه جهڙو. ڍوليو کائيندڙ. جاڙو پکي.

vulturine (ولچرائين) **adj,** belonging to or resembling a vulture; ڳجهه بابت. ڳجهه شڪل.

vulturish or vulturous (ولچرش يا ولچرس) **n.** rapacious, ڍوليو کائو. ڪنو. گدلو. هيچي. بکيو. گهڻ کائو.

vulturn (ولٽرن) **n.** the Australian brush turkey, (آسٽريليا جو) وڏو جهنگ ڪڪڙ. فيل مرغ. ترڪي پکي.

vulva (ولوا) **n.** the external genitals of the female mammal, esp the orifice of the vagina, ڪاڙ. ڀڪ. فَرجَ. شرم گاهه. سار. زنانو انگ. ماديءَ جو خاص عضوو. اندام نهاني.

vulviform (ولوي فارم) **adj.** oval; like a cleft with projecting edges, سار شڪل. فرج نما. بيضوي صورت. فرج شڪل.

vulvitis (ولوائٽس) **n.** inflammation of the vulva, سار جي سوڄ. فرج جي سوزش. زناني بيماري. فرج سوڄ.

vulvo uterine (ولوو يوٽرين) **adj.** pertaining to the vulva and the uterus, زنانن عضون جي باري ۾. زنانن عضون متعلق. فرجي رحمي. فرج يا رحم لاڳو. فرج ۽ رحم سان تعلق رکندڙ.

vying (وائنگ) **prep.** competing for some position or status; rivalry, competition, برابري. مقابلو. مقابلو ڪندڙ. دشمني.

W

W or **w** (ڊبليو) the twenty-third letter of the modern English alphabet, جديد انگريزي آئيويتا جو ٽيويهون اکر.

wabbit (وبٽ) **adj.** exhausted, tired out, ٿڪجي ختم ٿيل. ٿڪل. بيزار ٿيل. هڄيل. ٿڪ ٿيل.

wabble (وابل) **vi.** to vacillate; to wobble; to move unsteadily from side to side, ڪنگرڙائي. ٿڙڻ. جهولڻ. لاڏڻ. لڏڻ. ٿڙڪڻ.

wabbler (وابلر) **n.** something moving from one side to the other, ڪنگرڙو. لاڏن ڦرڙو. لاڏندڙ. ڪنگ ٿڙڪيو. جهوليندڙ. لاڏئون.

wack[1] (وئڪ) **n, adj.** an eccentric person; bad; extreme, سؤدائي. خراب. انتها پسند. خبطي شخص.

wack[2] (وئڪ) **n.** a familiar term of address for a companion, pal, mate, ڪنهن ساٿيءَ کي سندس اصلي نالي کانسواءِ پيار طور ٺٺوڙي نالي سان سڏڻ. ياليوار. همراهه. سنگتيءَ کي سڏڻ.

wacke (ويڪي) **n.** a soft and earthy volcanic rock usually containing crystals. ٻرڪي ويل پٿر مان ٺهيل مادي جو پرالو ٿالو. ٻرندڙ جبل جو معرالجهڙو بنيادي پٿريلو ٽڪر. ٻرندڙ جبل مان ڪرندڙ مٽيءَ جو ڍير.

wacko or **whacko** (وئڪو) **adj.** mad, eccentric, مستالو يا سؤدائي. وهمي. عجب جهڙو. لهري. پورالو. ٽڙيل.

wacky (ويڪي) **adj.** crazy, چريٽ. سؤدائي. پڳل ٽٽل. خبطي.

wad[1] (وڊ يا واڊ) **n, vt.** a soft mass of loose fibrous material such as hay, thrust in to aid packing; a disc of felt or paper (formerly a small plug of paper or two, etc) to keep the charge in a gun; a sandwich, cake or bun; a bundle eg of hay; a roll or bundle, eg of bank notes; a large quantity esp of money; a compact mass, often small; a lump of soft substance; to form into a mass; to pad, stuff out; to stuff a wad into, ٻرتي. ڏاٽ. ٽڪي. مروڙي. چڙيل سامان جيئن ڪک پن يا گاهه جيڪي خالي جڳهه کي ڀرڻ جي ڪم اچن. سينڊوچ. ڪيڪ يا بَن. گاهه جو سٿو يا بند. ويڙهو يا سٿو (جهڙو بينڪ نوٽن جو). نوٽن جي بندي. وڏو انداز. سٿيل ڍڳ. عام طرح ننڍڙو نرم مال جو چاڪو. ڍير ڪرڻ. سٿو يا گدي ٺاهڻ. سٿي ڀري چڙهڻ. بندوق يا توب جو ڏاٽ.

wad[2], **wadd** or **wadt** (ويڊ يا واڊ) **n.** an earthy ore of manganese, mainly hydrated oxide of manganese; plumbago or black lead, مينگنيز يا ڪاري شيهي جو (خاص ڪري پنسل) ٽڪر.

wadding (ويڊنگ) **n.** a wad or the soft fibrous material for wads; sheets of carded cotton for stuffing garments, cottonwool, سٿو. پراهه. پَرائي. ڪپهه جي ڍيري. ڪپهه جو ويٺو. تهه ٿيل ڪپهه. گديءَ ۾ ڪپهه ڀرڻ.

waddle (ووڊل) **vi, n.** to walk with a rolling gait; to toddle; to take short steps and sway from side to side in walking, as a duck does; to move in a way suggestive of this; to become a defaulter; the act of wadding; a clumsy, rocking gait, لاڏڻ لڏڻ. آڏيڙا ڪائڻ. گهمڻ. اهڙي نموني هلڻ ڦرڻ. باقيدار يا قصور وار ٿيڻ. اڊنگو يا اناڙي. لاڏڻ لڏڻ واري ٽور يا هلڻي. ڏڏڪي. ٿــــرڙائڻ. وائڪڻ. ڪنگرڙائي. لاڏندو لڏندو يا جهومندو هلڻ. جهولڻ.

waddy (واڊي) **n.** an Australian aboriginal wooden club used in warfare; a cowboy; a walking stick, آسٽريليا جي قديم ماڻهن جي وڙهڻ وارو ڏنڪو يا لَڪڻ. ڍورن چارڻ وارو چوڪرو. ڇڙي.

wade (ويڊ) **vi, vt, n.** to walk through a substance that yields with difficulty to the feet, esp water or air; to make one's way through laboriously; to ford; to go; to cross by wading; to cause to cross thus; the act of wading; a ford, پاڻيءَ يا گپ چڪ مان زور ڏيئي ڏکيائي سان جهاڳي هلڻ. وڃڻ. جهاڳي ٽڪرڻ. تانگهي وڃڻ. مشڪل سان لنگهڻ. جهاڳي هلڻ. تانگهي پاڻي مان جهاڳي ٽڪرڻ. لانگهي مان لنگهڻ. جهاڳر. جهاڳ. تڪليف سان گذرڻ.

wader (ويڊر) **n.** one that wades; a bird that wades in

search of food, eg the snipe, sandpiper, and sometimes larger birds such as the heron, a high waterproof boot; a waterproof garment for the feet, legs and lower body, جهاڳي هلڻ وارو وڏو (لانگ) بوٽ (جنهن تي پاڻي اثر نہ ڪري)، جوراب يا ڪپڙا جيڪي پاڻي نہ ڇهن، (جن کي پيرن جنگهن ۽ هيٺئين بدن تي پهرجي)، بگلي، لاڪي ڇاڇيءَ جهڙا پاڻيءَ ۾ ترندڙ پکي، ڪيڙي خور پکي، پيرن تي هلي پنهنجي خوراڪ حـاصل ڪرڻ وارا بي پکي، پاڻيءَ جي ڪنارن تي هلندي خوراڪ حاصل ڪندڙ پکي.

wade in (ويڊ ان) **vt.** to make a very vigorous attack, تمام زور دار نموني حملو ڪرڻ.

wade into (ويڊ انٽو) **vt.** to tackle (a job) energetically; to attack or criticize fiercely, مڙسان مڙسي ڪم سرانجام ڪرڻ، زور سان زباني حملو، تيکا تبڻي ڪرڻ يا لکتہ چيني ڪرڻ.

wadi or wady (واڊي) **n.** the dry bed of torrent; a riverian valley, درياءَ جي ماٿري، ٿئين جو سڪل پيٽ،ماٿري، ميداني علائقو، ٿئين، مينهن يا بارش ۾ وهندڙ ندي.

wadmal (واڊمل) **n.** a thick or coarse woollen cloth, woven esp in Orkney and Shetland, (يورپ جو) ٿلهو يا کهرو اوني ڪپڙو.

wadset (ويڊسيٽ) **n.** a mortgage; something pledged or pawned; to mortgage; to pawn, گـروي رکڻ يا ڳهہ رکڻ، ڳهہ رکيل شيءِ، گروي رکيل ملڪيت.

wae (وي) **adj.** woe; sorrowful; woeful, pitiful, غم، ڏک. غمگين، غمناڪ، رحم جوڳو.

waeness (واي نيس) **n.** sadness, غم، ارمان، ڏک.

wafer (ويفر) **n.** a very thin crisp cake or biscuit baked in wafer irons or wafer tongs; a thin round cake of unleavened bread, a thin slice of silicon from which chips are cut; a thin slice of anything, تمام سنهو ڪيڪ يا بسڪوٽ، سنهو ٺٽيل صورت بسڪوٽ، سنهي گول يا ڊگهي ڪيڪ جهڙي روٽي جنهن ۾ خميرو نہ هجي، سليڪان يا ڪنهن بي شيءِ جي سنهي ڦار يا پتري، قرص، ٽڪي، سنهي پٽي، پاپڙ.

waff (وئف) **adj, n.** wandering, stray; worthless, paltry listless; a worthless person; a waving or a slight hasty motion; a signal; a quick light blow; a puff or blast; a sudden ailment; a faint usu disagreeable odour; a glimpse; a ghost; to wave, flap, flutter, wave away; to bark, رولو، رولاڪ، بيڪار يا لوسي شـخص، اوچتو چرڪ، اشارو، هلڪو تکو ڌڪ، ڦوڪڻي ڦاٽڻ جو ٽڪاءُ، اوچتي ناسازي، هلڪي اڻ وڻندڙ بوءِ، ڌپ، ڀانس، ليئو، پاڇو، لوڏڻ، ڦڙڪائڻ، ڦڙ ڦڙ ڪرڻ، اشارو ڏيئي هليو وڃڻ، ڀؤنڪڻ، ميج ڏيڻ.

waffle¹ (وافل) a kind of light sweet cake made from batter, baked in an iron utensil of hinged halves called a waffle iron; to wave; to talk or write in an imprecise and wordy manner, to go on and on, to talk or write nonsense; to waver, vacillate; such talk or writing, ڪيڪ يا روٽ، مِٺي ٽِڪي، ڳالهـائڻ يا لکڻ، چڙوچڙ اکـرن ۾ غلط يا غير صـحيح نموني ڳالهـائڻ، لکڻ يا هلڻ، بيوقـوفيءَ واري، واهيات، اجايو ڳالهائڻ، بڪـواس ڪرڻ، ڳڻتـيون ڪائڻ، دل هٿڻ ڪڻ يا اهڙي ڳالهائڻ ۽ لکڻ.

waffle² (وافل) **vi.** to talk or write meaninglessly and at great length. اجائي پٽاڙ ڪرڻ، هرويرو اينگهائڻ، ڊيگهہ ڪرڻ.

waft¹ (وافٽ) **vt, vi.** to impel, bear, convey, transport or propel safely or lightly on the surface of or through a fluid medium such as air or water; to signal to, beckon; to turn (one's eye); to float, sail, or float, to pass through the air, ڪٺي پڄائڻ، ليـاپو ڏيڻ، سلامتيءَ يا هلڪائيءَ سـان ڪنهن پاڻياٺ وسيلي لباڻي ليڻ، خبردار ڪرڻ، اشارو ڪرڻ، اکيون ميچڪائڻ، ترڻ، ٻيڙي يا جهاز رستي سفر ڪرڻ، تاري ليڻ، اڏري نڪرڻ، اڏامي ليڻ، اشـارو ڪرڻ، ترڻ، ترلو جسم، وهڻ.

waft² (وافٽ) **n.** a scent or sound, or puff of smoke or vapour carried by the air, a rush of air; a slight taste; a breath of wind; an act of wafting or waving; a waving movement; a passage across the sea or other water; a flag or substitute hoisted as a signal, esp an ensign, stopped together at the head and middle portions; the act of displaying such a signal, خوشبوءِ يا آواز يا دونهين يا ٻاڦ جو سولو يا ڦوڪ، لوڏڻ، هوائي جهـولڪو، سـمنڊ يا پاڻيءَ وچان رسـتو، جهنڊو يا ڪپڙو (جيڪو نشان طور) ڪڙو ڪري ٻهاريو وڃي، جهنڊي والگر (جنهن کي چوٽي ۽ وچ وارن هنڌن تي ٻڌي جهليـو وڃي)، اهڙي نشـان کي ٻڌي ٻهارڻ.

waftage (وافٽيج) **n.** act of wafting; state of being wafted; transportation through air or across water, لوڏڻ، هلڻ، سـمنڊ يا پاڻي وچان لنگهہ، هوا يا پاڻيءَ رستي سامان يا ماڻهو ڪٺي پڄائڻ، پاڻيءَ يا هوا جي گڏرڻ جو ذريعو.

wafture (وافچر) **n.** the act of wafting or of waving; a waving motion; a beckoning; something wafted, ڪٺي پڄائڻ، لوڏڻ، لهر جهڙو لوڏو، اشاري سان سڏڻ، اشارو ڪرڻ، تاري يا اڏائي ڪنيل.

wag (وئگ) **vi, vt.** to swing or sway; to move or be moved from side to side or to shake to and fro; to oscillate; to move or to move one's limbs; to move on, get on one's way; to play truant; (of tongue, chin, beard) to move in light, gossiping or indiscreet talk; to move, shake or wave to and fro or up and down; هيڏي هوڏي لوڏڻ، ڪـهـائڻ (جيئن ڪتو پڇ لوڏيندو آهي)، جهولڻ، جهومڻ، پاڻ ڇڙڻ پرڻ، عضوا لوڏڻ، ڪـهـائڻ، اڳتي وڌڻ، پنهنجي رسـتي تي هلي پوڻ، زبان، ڄاڙي، ڏاڙهيءَ وغيره کي

لوڏڻ، ڦيرڻ روشني ۾ هلڻ، يٽ شٽ، واهيات بڪ بڪ ڪرڻ، ڦرڻ ڪهرڻ، هيڏي هوڏي، هيٺ مٿي لوڏڻ، ڌوڏڻ، زبان ۾ چاڙيءَ ڪي لوڏي بڪ شڪ ڪرڻ، واهيات ڳالهائڻ، (پير) ڌوڻڻ، (زبان) هلائڻ، پڇ لوڏڻ، ٺٺول، مسخرو، لوڪباز، لوڏ، ڌوڻڻ.

wage (ويج) **vt, vi & n.** to engage in or carry on, esp war; to carry on; to pay wages to; to pledge, offer as a pledge; to wager; to hazard; to hire for pay; to bribe; to let out for pay; to be equal in value; to contend, battle, payment for services, esp a regular payment made by an employer to an employee, or reward; hire; recompense; a wage or pledge, ڪم ۾ پوڻ، جنگ ڪرڻ، مزدوريءَ جا پيسا ڏيڻ، واعدو ڪرڻ، واعدي خاطر ڪجهه آڇڻ، خطري ۾ وجهڻ يا پوڻ، پگهار تي يا مزدوريءَ تي ڪنهن کي رکڻ يا بيهارڻ، رشوت ڏيڻ، ملهه ۾ هڪ جهڙو ٿيڻ، مقابلو ڪرڻ، ويڙهه ڪرڻ، محنت جي مزوري ڏيڻ، ڀيلي بيهارڻ، مزدوري، بدلو، عيوضو، پگهار، انعام، اجرت، ڏهاڙي، مواجب.

wage differential (ويج ڊفرنشل) **n.** the diference in the wages paid to different classes of workers in any industry or to workers doing similar jobs in different industries or areas, ڪارخاني جي مختلف درجن وارن مزورن کي ملندڙ اجرت جو تفاوت، ساڳئي نموني وارو ڪم ڪندڙ پورهيتن کي ٻين ڪارخانن ۾ جاين تي ملندڙ مزوريءَ ۾ تفاوت، مزوريءَ جو فرق، پگهار جو فرق.

wage earner (ويج ارنر) **n.** anyone who works for wages; the person who earns the money that supports or money that helps to support, the household, پگهار واسطي ڪم ڪندڙ، اهو شخص جيڪو پيسو ڪمائي (ان سان پنهنجي ڪٽنب جي سنڀال ۽ پالنا ڪري)، پگهار دار، مزور، پگهار ڪمائيندڙ.

wagenboom (واگن بوم) **n.** a S African tree whose wood is used in making wagon wheel, ڏکڻ آفريڪا جو عمارتي ڪاٺ جو وڻ، (جنهن جي ڪاٺيءَ مان گاڏين جا ڦيٿا ٺاهيا آهن).

wager (ويجر) **n, vi, vt.** something staked on an outcome not yet known; a bet; a stake laid; the act of making a bet; that on which bets are laid; a hazard; a contest for a prize; a pledge; the act of giving a pledge; to bet (money) on the outcome of anything; to stake; to lay a wager, make a bet, شرط يا دلاسي تي رکڻ، هوڏ، بازي، پڻ، شرط ٻڌڻ، شيءِ جنهن واسطي شرط رکي وڃي، انعام واسطي مقابلو، ضمانت ڏيڻ، داءُ يا شرط رکڻ، شرط ٻڌڻ، شرط هڻڻ، گوءِ يا بازي رکڻ.

wager boat (ويجر بوٽ) **n.** a light boat for a race between single scullers, چپوءَ واري ٻيڙي، هڪ چپوءَ واري مقابلي واري ٻيڙي.

wager of battle (ويجر آف بيٽل) **n.** trial by combat, a usage which permitted the accused and accuser in cases where direct evidence was lacking, to challenge each other to mortal combat, ويڙهه ذريعي آزمائش، دستور جنهن موجب ڏوهاري ۽ تهمت رکندڙ اهڙن معاملن ۾ جتي سڌي سنئين ثابتي موجود نه ملي هڪ ٻئي سان وڙهي فيصلو ڪرڻ، موت مار ويڙهه، دوبدو مقابلو.

wager of law (ويجر آف لا) **n.** compurgation, i.e. the act, by several witnesses, of swearing jointly to the character of a defendant or accused person, so as to clear him or her, مقدمي مان شاهدن جي قسمن کڻڻ جي آڌار تي جوابدار جو ڇوٽڪارو ٿيڻ، سيني شاهدن جي قسم تي ڏنل شاهديءَ هيٺ ڏوهه مان خلاصي.

wagger-pagger (وئگر پئگر) **n.** a wastepaper basket, ٽوڪري جنهن ۾ فالتو ڪاغذ رکيا وڃن، ڪن ڪچري ڦٽي ڪرڻ واري ٽوڪري، رديءَ جي ٽوڪري.

waggery (وئگري) **n.** merriment, jocular talk; pleasantry, مسخري، ٺٺي بازي، حرڪت بازي، لٽڪو، ٺٺولي، چٿر.

waggish (وئگش) **adj.** rougish in merriment; jocular; sportive, کل مسخريءَ جو، چاڳلو، ٺٺي باز، حرڪتي، مسخري، لوڪباز، راند روند جو.

waggle (وئگل) **vi, vt, n.** to sway; to wag esp in an unsteady manner; an act or the action of waggling, لڏڻ يا لوڏڻ، لڏڻ، لوڏڻ ۽ جهولڻ وارو فعل يا ڪم، هلڪو لوڏو، سڄي ڪبي لوڏڻ.

waggle dance (وئگل ڊانس) **n.** the sequence of movements by which hive bees communicate the distance and location of new nest sites and food sources, ماکيءَ جي مکين جو هڪ ٻئي کي نئين جڳهه جو ڏس پتو ڏيڻ جو طريقو.

wagmoire (وئگ مائر) **n.** a quagmire ڏبڻ يا کپ.

wagon or waggon (وئگن) **n, vt, vi.** a four-wheeled vehicle for carrying heavy goods; an open railway truck or a closed railway van; a car, esp an estate car; a movable piece of furniture with shelves; a chariot; to transport by wagon; to travel in a wagon, بار گاڏو، چوڦيٿو ڇڪڙو، ڳري بار ڍوئڻ واري گاڏي، کليل ريلوي جو بار يا مال گاڏو، موٽر ڪار، چرڻ ڦرڻ وارو فرنيچر، ڍوئڻ يا گاڏيءَ ۾ سفر ڪرڻ.

wagonette (وئگنيٽ) **n.** a kind of carriage with one or two seats crosswise or longitudinal, in front, and two back seats arranged lengthways and facing inwards, بگي، گاڏي (جنهن جون اڳيون پاسي هڪ يا ٻه ويهڻ جون ڪرسيون آمهون سامهون هجن ۽ ٻه ويهڻ جون ڪرسيون پٺيون پاسي کان ڊيگهه ۾ رکيل هجن ۽ سندن رخ اندرئين پاسي هجي، چوڦيٿي کليل گاڏي.

wagon-lit (ويگن لي) **n.** a sleeping-carriage on a conti-

nental train (Fr), ريل گاڏيءَ جو سمهڻ لاءِ گاڏو، پاسي ۾ سيٽون لڳل ريل جو گاڏو.

wagon train (وئگن ٽرين) **n.** a collection or service of army vehicles for the conveyance of ammunition, provisions, the sick; a train of horse-drawn wagons used by pioneer settlers to travel into new territory, فوجي گاڏين جو آرماڙ يا ميڙ جنهن ۾ هٿيار بارود، کاڌي پيتي جو سامان ۽ مريض ڍوئي ڪٽجن، ريل جنهن ۾ گهوڙا ٻڌي ان کي هلائجي، نئون آستانو ناهڻ لاءِ بستين ڏانهن چڪرڻ جي قافلي سان سفر ڪرڻ، نئين وستي وسائڻ لاءِ لڏ پلاڻ وارين سوارين.

wagtail (وئگ ٽيل) **n.** a small bird of the Motacilla and Dendronanthus genera, forming with the pipits the family so named from their constant wagging of the tail; applied also to other birds, such as an American water thrush and an Australian flycatcher, ڦوسي پکي، ڪنيائي پکي، امريڪي هيڙهو، آسٽريليا جو مکيون جهلڻ وارو پکي، مک مار، نچڻو پکي، ڪڪنيائي پکي.

Wahabi or **Wahabee** (وهابي) **n.** a member of a sect of Muslims, founded in central Arabia to restore Islam, with all original practices. وهابي، وهابي مسلم فرقي جو پوئلڳ.

wahine (واهين) **n.** a Maori woman (Maori), (آسٽريليا ۾ رهندڙ) مائوري قوم جي عورت.

wahoo[1] (وهُو) **n.** the burning bush, an ornamental shrub with scarlet-coated seeds, سڙندڙ ٻوٽو، رنگارنگي سونهن وارو ٻوٽو يا ٻوٽي جنهن جا ٻج تيز ڳاڙهي رنگ جا هوندا آهن.

wahoo[2] (واهوُ) **n.** a large fast-moving marine food and game fish, related to the mackerel, سامونڊي ڪاچ ۾ شڪار واري مڇي (جيڪا سائي نيري رنگ واري آهي)، ڪرڳهڻ مڇي، نقلي گور.

waif (ويف) **adj, vt, n.** a neglected ownerless child; a homeless wanderer; a stray article; a piece of property found ownerless, eg a strayed animal, or goods cast up by the tide; stolen goods abandoned by the thief; wandering, neglected; to cast up as a waif, لاوارث، لڏلڪو، ڌڪاريل لڏلڪو ٻار، رولاڪ، لاوارث ملڪيت، رولاڪ جانور اهڙيون شيون جيڪي ساموڊي وير ڇڏي وڃي، چورايل پر ڦٽي ڪيل شيون، ڀٽڪڻ وارو، ڇڏي ڏنل، اها شيءِ جنهن جو مالڪ نہ هُجي، بي خانہ وَ مان، گور ڍور، ڪوهہ گرد، چنو چورو، رهت ڪهت، لاوارث مال، واءِ ويلا لائڻ.

waifs and strays (ويفس اينڊ اسٽريز) **n.** homeless, destitute people, بي گهر، ڪنگال ماڻهو، سچا، لاوارث، رولو.

wail (ويل) **vi, vt, n.** to bewail; to lament or express sorrow or pain audibly, esp with prolonged high-pitched mournful cries; to weep; to bemoan; to grieve over; the activity or a spell, of wailing; a cry or sound of woe; an animal cry or mechanical sound suggesting this, پار ڪڍي روئڻ پٽڻ، ماتم ڪرڻ، روح راڙي جون رڙيون يا دانهون، غم ڪرڻ، راماٽا، ڪرڪل، ورلاپ ڪرڻ، الدوهہ ۽ افسوس ڪرڻ، ڏک جي رڙ، جانور جي رلپ، مشين جو اهڙي قسم جو آواز، واءِ ويلا لائڻ، زاري، حشام، ماتم، پار، زاري، واءِ ويلا، رڙ واڪو.

wailing (ويلنگ) **n, adj.** loud weeping, پار ماتم ڪرڻ، ڪيڻ، روئڻ پٽڻ، روح راڙو، غم، واويلا ڪرڻ، اوسارڻ.

Wailing Wall (ويلنگ وال) **n.** a wall in Jerusalem, 18m (59ft) high, a remnant of the western wall of the temple dating back to the period before the destruction of the city in AD 66, where Jews taditionally pray and from which they were excluded for a time, يروشلم شهر اندر اُلهہ ڦوٽ اچي پت جيڪا هڪ عبادت گاهہ جي اولهہ پاسي جو بچيل حصو آهي، جنهن کي حضرت عيسيٰ عليہ السلام کان ڇاهٺ سال پوءِ ان وقت ڊاٺو ويو هو جڏهن شهر کي ناس ڪيو ويو هو، ديوار (جاهہ) جتي يهودي اچي عبادت ڪندا آهن، ديوار گريہ.

wain (وين) **n.** a wagon, گاڏو، ڇڪڙو، بگهي، ٽانگو، بگي، رَٿَ.

wainage (وينيج) **n, vt.** the team and implements necessary for the cultivation of land; land under cultivation, ماڻهن ۽ ڍڳن جي ٽولي ۽ اهي ضروري اوزار جن سان زمين کي ڪيڙجي، آباديءَ هيٺ زمين، هر هيٺ زمين، پوکيءَ هيٺ زمين.

wainscot (وينسڪاٽ) **n, vt.** fine oak for panelling; timber-work on an interior wall; similar lining of other material; the lower part of an interior wall when lined with material different from that on the upper part; a collector's name for certain noctuid moths; to line with, or as if with boards or panels; to grain in imitation of oak, سهڻو عمارتي ڪاٺ، ڪاٺ لڳائي پت جي هيٺين حصي تي استر ڪرڻ، ڪيترن ڪينئن يا جيتن جو نالو، تختا هڪ ٻئي سان ملائي لڳائڻ، تختن ۽ چوکٽن سان سينگارڻ، ڪاٺ نمولي رنگ يا پالش.

wainscot chair (وين سڪاٽ چيئر) **n.** a heavy oak chair with a panelled back, seat, etc, ڪاٺ جي سينگاريل پٺيءَ واري ڪرسي.

wainscoting or **wainscotting** (وين سڪاٽنگ) **n.** the process of lining with boards or panels; materials for making a wainscot; wainscots collectively, چوڏاري تختن ۽ چوڪٽن سان سينگارڻ، ڪاٺ سان سينگارڻ.

waist (ويسٽ) **n.** the narrowest part of the human trunk, between the ribs and the hips; a narrow middle part of an insect; the part of a garment that lies round the waist of the body; a woman's blouse or bodice; any narrow middle part, eg of a musical instrument; middle part of a ship; the middle (of a day or a night); something that surrounds, a gridle,

انسان جي چيلهه يا ڪمر. جيت جو سوڙهو وچون حصو. ڪپڙي جو اهو حصو جيڪو چيلهه جي چوڌاري ويڙهجي. عورت جو ڪڙتو. انگرکو. چولي. چيلهه. ڪمر بند. ميان. پاڻيءَ واري جهاز جو وچون حصو. رات يا ڏينهن جو وچون پهر. ويڙهجندڙ.

waist bag (ويسٽ بيگ) **n.** a small bag worn on a belt round the waist, a bum bag, چيلهه تي ٻڌڻ واري ننڍي ٿيلهي. چيلهه وارو پرس يا بٽون. هسڙي.

waist band (ويسٽ بئنڊ) **n.** the strip or band of fabric in a garment that fits round the waist; a belt or sash, پوشاڪ ۾ پيل چيلهه تي ٻڌڻ وارو چيلهڪي (ڪپڙي جو پٽو. پٽو يا لونگي. اڳٽ. ڪمربند. چيلهه پٽو. بالٽيون. ڦڇون.

waist cloth (ويسٽ ڪلاٿ) **n.** a loin cloth; coloured cloths hung about a ship's waist as ceremonial decoration or to conceal the men in a naval action, ڪوڏ. ڌوتي يا لنگوٽيءَ جو ڪپڙو. جهاز تي لڳل رنگين ڪپڙن جون جهنڊيون (جنهن تي پاڻيءَ جي فوج سوار هجي).

waist coat (ويسٽ ڪوٽ) **n.** a short sleeveless garment, plain or ornamental, reaching to or below the waist, worn by men at different periods under doublet, coat, jacket; a woman's similar garment or front, صدري. واسڪوٽي. گلڪاريءَ سان پريل زناني پوشاڪ جيڪا چيلهه تائين وڃي. ٻنا ٻاهن وارو ڪوٽ. جيڪٽ. واسڪوٽ.

waister (ويسٽر) **n.** a sea man stationed in the waist, performing menial duties, esp a green-hand on a whaler مڇي مارڻ واري جهاز جو نوڪر يا ٻنڪي. صفائي ڪندڙ مالهو. سيڪڙات خلاصي.

waistline (ويسٽ لائين) **n.** a line thought of as marking the waist, but not fixed by anatomy, in women's fashions; the measurement of a waist, چيلهه. چيلهه جي ماپ. چيلهه وارو بدن جو هنڌ.

wait (ويٽ) **vi, vt & n.** to stay or remain in expectation or readiness; to be or remain in a place in readiness; to delay action; to be delayed; to continue in patience; to attend; to remain temporarily undealt with; to be in attendance, or in readiness to carry out orders; to bring food to the table and clear away used dishes; to keep watch, be on guard; to be on the watch for someone, lie in ambush; to postpone for some purpose; to be or remain in expectation of, await; to attend or escort; the act of waiting or of expecting; a delay; ambush; ترسڻ. ويهڻ. انتظار ڪرڻ. تيار ٿي ويهي رهڻ. ڪم يا عمل ۾ دير ڪرڻ. دير ٿي وڃڻ. ٿوري وقت لاءِ بنا ڪم ونڻ جي ترسڻ. چاڪريءَ ۾ رهڻ. حڪمن جي بجا آوري يا تعميل لاءِ تيار رهڻ. کاڌو ميز تي آڻڻ ۽ اتان خالي ڪيل ٿالهو ٿپا ڪڍي ڇڏڻ. پهراگيري ڪرڻ. خدمتگار هورت. پهرو ڏيڻ. سنڀال ڪرڻ. جهلڻ لاءِ ويهڻ. (ڪنهن مقصد واسطي) مهمل ڪرڻ. پهرو ڏيڻ. ڪنهن جو انتظار ڪرڻ. اوچتي حملي لاءِ ترسڻ. (ڪنهن واسطي) ترسي انتظار ڪرڻ. (ڪنهن سان ملڻ لاءِ يا سندس) خدمت ۾ ويهڻ. محافظ ٿيڻ. ترسڻ. نوڪري ڪرڻ. ملڻ. چپ ماري ويهڻ. لڪي رهڻ.

wait-a-bit (ويٽ آ بٽ) **n.** a name given to various plants, with thorns that catch the clothing of the passer-by, ٻوٽا جن جا ڪنڊا لنگهندڙن جي ڪپڙن کي لڳي جهلي وٺندا آهن. ايٽ ڪنڊي ٻوٽو.

wait-a-while (ويٽ آ وائيل) **n.** a wait-a-bit; an Australian wattle growing in dense thickets, ڪنڊيدار ٻوٽو (جيڪو آسٽريليا جي ڪهاٽن وڻڪار وارن جهنگن ۾ ڦٽندو آهي).

waiter (ويٽر) **n.** one who waits; a male attendant; a man whose job is to wait; esp at table in a hotel or restaurant, an attending servant; a salver or tray; a dumb-waiter; a watchman; a customs officer,. خدمتگار. نوڪر. ٽهليو. نگهبان. پيرو. پهراگيري ڪندڙ. ٽهليو. وردي پهريل نوڪر يا خدمتگار. چوڪيدار. ڪسٽم آفيسر. ٿالهو ٿا ڪڻ وارو طشت يا ٽري يا ڪومچو.

waiting (ويٽنگ) **n, adj.** the act of remaining in expectation, delaying, etc; انتظار ۾ رهڻ. (دير ٿيڻ جي صورت ۾) ويٺو رهڻ. انتظار ڪرڻ. انتظار ڪندڙ. دير ڪرائيندڙ. دير وجهندڙ. سيڙائيندڙ.

waiting-room (ويٽنگ روم) **n.** a room for the use of people waiting, انتظار گاهه. مسافرخانو. ترسڻ جي جاءِ.

waitress (ويٽريس) **n.** a female waiter; a woman whose job is to wait at table in a hotel or restaurant, etc, نوڪرياڻي. ٻانهي. خدمت ڪرڻ واري. هوٽل يا ريسٽورنٽ جي خدمتگار عورت. پيراگير عورت.

waive (ويو) **vt.** to give up voluntarily (eg a claim or a contention); to relinquish; to forgo; to refrain from claiming, demanding, taking or enforcing; to evade, avoid; to defer, postpone; to leave out of consideration; disregard; to put away, reject, abandon, forsake, vacate, or resign; to outlaw (a woman); (ڪنهن حق يا جهيڙي کي) خوشيءَ سان ڇڏي ڏيڻ. دست بردار ٿيڻ. حق نه گهرڻ. طلب نه ڪرڻ. نه وٺڻ. حڪم جي تعميل ڪرائڻ کان مڙي وڃڻ. هٿ ڪڍڻ. (حق معاف ڪرڻ لاءِ) پاسو ڪرڻ. ٽارڻ. مهمل ڪرڻ. موقعو ڦيرائي ڦٽي ڪري يا پاسيرو ڪري ڇڏڻ. رد ڪرڻ. زور نه رکڻ. دعوي ڦٽي ڪرڻ. ترڪ ڪرڻ. (ڪنهن عورت کي) جلا وطن يا ملڪ بدر ڪرڻ. ڦٽي ڪري ڇڏڻ. لا دعوي ڪرڻ.

waiver (ويوَر) **n.** the act, or an act, of waiving, or a written statement formally indicating this, دست برداريءَ جو چٺو. هٿ ڪڍي ڇڏڻ جو عمل يا لکت.

waka (واڪا) **n.** a Japanese poem, a tanka, precursor of the haiku, used exclusively by members of the

Japanese imperial family; a form of Japanese poetry derived from ancient ballads, lyrical in style, جپاني نظم (جنهن ۾ پنج سٽون ۽ ايڪٽيهه لفظ آهن، جيڪو هائڪو جو سرچشمو آهي)، جپان جي شاهي خاندان جي شاعري، جپاني شعر جو نمونو جيڪو منظوم داستانن تان ورتو ويو آهي. گيتن ۽ ڪافين جي طرز جهڙا بيت يا شعر.

wakane (وڪئني) **n.** an edible seaweed that can be soaked and used as a salad vegetable (Jap), (جپان ۾) سامونڊي ٻوٽي جيڪا سلاد ۽ ٻوڙ پاڄيءَ طور ڪم اچي، سلاد ٻوٽو.

wake[1] (ويڪ) **vi, vt.** to be awake, or active or vigilant; to keep watch or vigil, or pass the night in prayer; to hold a wake; to awake or be roused from sleep or from indifference, day-dreaming; to become animated or lively; to be stirred up, aroused; to hold a late revel; to keep vigil over, to excite, stir up (feelings, echoes); to disturb (night or silence) with noise; to animate; to reanimate, revive, جاڳڻ، اٿڻ، سجاڳ رهڻ، سجاڳ، چست، خبردار، پهرو يا سجاڳي، رات جاڳي عبادت ۾ گذارڻ، سجاڳي رکڻ، ٻاڻ مرادو جاڳي يوڻ يا جاڳايو وڃڻ، دير سان اٿڻ، ننڊ مان اٿي ڪرڙو ٿيڻ، ڪنهن جي مشان چوڻڪي ڏيڻ، جوش ۾ اچڻ، امنگن ۽ دل جي پڙاڏن جو چڙي ٻوڻ، رات يا ماٺ ۾ آواز ڪري ڦٽائڻ، سرهو ڪرڻ، اتساهه جاڳائڻ، تازو ڪرڻ، نئين سر زور وٺائڻ، هوشيار ڪرڻ، متڊل ڪرڻ، حرڪت ۾ آڻڻ، سجاڳائي، نئين حياتي ڦوڪڻ.

wake[2] (ويڪ) **n.** the streak of smooth-looking or foamy water left in the tack of a ship; disturbed air behind a flying body; a track on land; a trail of light behind a moving body; the area behind some one or something passing through, ڪنهن جهاز جي لنگهي وڃڻ ڪانپوءِ سندس پٺيان جهڳ واري پاڻي جي لڪير ايندڙ گجي، ڪنهن اڏامندڙ هوائي جهاز جي پٺيان چڙيل دونهين جو نشان، لنگهي ويندڙ شيءِ جو نشان يا روشني، ليڪائي يا ليڪو، پٺو.

waken (ويڪن) **vi, vt.** to be or become awake; to become active or lively; to remain awake, keep watch; to rouse from sleep, unconsciousness or in action; to excite, stir up, evoke, جاڳڻ، جاڳائڻ، سجاڳ يا ڦڙت ٿيڻ، چست يا خبردار ٿيڻ، ننڊ يا بيهوشيءَ مان اٿڻ، سجاڳ رهڻ، پهرو ڏيڻ، جوش ۾ اچڻ يا آڻڻ، ڪرڙو ڪرڻ، پڪاري جاڳائڻ، هوش ۾ آڻڻ، خبردار ڪرڻ، هوشيار ڪرڻ، لوڏڻ، حرڪت ۾ آڻڻ.

wakening (ويڪننگ) **adj, n.** the act of waking; the revival of an action, جاڳڻ، سجاڳ ٿيڻ، (ڪم واسطي) اٿي ڪرڙو ٿيڻ، نئين سڻين شروع ڪرڻ.

wakeful (ويڪ فل) **adj.** keeping awake in bed; not asleep; unable or indisposed to sleep; vigilant; waking; watchful; awakening or rousing, سجاڳ، ننڊ ڪرڻ کان وانجهيل، خبردار، جاڳيل رهندڙ، هوشيار، جاڳو، بيدار، چوڪس، باخبر، سجاڳ، چيتي وارو.

wakiki (واڪيڪي) **n.** shell money (Melanesian), سامونڊي سپي، ناڻي وارا ڪوڏ، ناڻي طور ڪم ايندڙ ڪوڏيون يا سپيون، سچيون ڪوڏيون.

waldflute (والڊ فلوٽ) **n.** an organ flute stop usu of 4-foot pitch, باجو، مُرلي، ساز.

waldhorn (والڊ هارن) **n.** a hunting-horn, a French horn without valves; an organ reedstop (Gr), (شڪار جو) توتارو، لڙ جو باجو، توتاري.

waldrapp (والڊرئپ) **n.** the hermit ibis, bald ibis of N Africa and ME, with black plumage, red face and a crest of feathers on the back of the head, اتر آفريڪا ۽ وچ اوڀر جي علائقن جو ڪارن پرن ۽ ڳاڙهي منهن وارو پکي (جنهن جي مٿي تي ٻه وڏا پرآهن)، ڪلنگيءَ وارو وڏو پکي، عرب ۽ اتر آفريڪا جو ڪاليرو پکي، گنجو ڪاليرو، روڏو ڪاليرو (پکي).

waldsterben (وڪلڊشٽربن) **n.** the dying-off of trees and other forest vegetation as a result of air pollution, observed since the 1970s (Gr), ١٩٧٠ع کان وٺي وڻن ۽ ٻي ساوڪ جو هوا جي آلودگيءَ سبب مري ناس ٿيڻ، آلودگيءَ سبب وڻن جو سوڪهڙو (مرض).

wale[1] or **weal** (ويل) **n, vt.** a ridge raised on the flesh by the stroke of a whip; a weal; a ridge on the surface of cloth; texture; a vertical ridge in knitted fabrics; a horizontal timber used to bind together piles driven in a row; planks all along the outer timbers on a ship's side, bends; to mark with wales; to make, provide or secure the wales, (چهبڪ جي ڌڪ سبب گوشت تي ابري بيهندڙ) ڏلو وڏو يا ڏاري، اوچ يا الت، اڻيل ڪپڙن تي ابريل عمودي ڏاري، سڌو ڪاٺ جو بَند، قطار ۾ رکيل سٿڻن کي گڏ ڪري ان مٿان لڳل ڪاٺ جي پٽي، پاڻيءَ جي جهاز جي ٻاهرين بناوت مٿان تختا يا پٽيون هڻي مضبوط ڪرڻ، سرايون، ڦريڙ، ڪپڙي جي ڏالڊڙي.

wale[2] (ويل) the act of choosing; choice; the scope of choice; the pick or best; and to choose, pick, چونڊڻ، پسند ڪرڻ، پسندي، چونڊڻ جي گنجائش، بهترين شيءِ يا چونڊيل چيز، چونڊي ڪڍڻ، چونڊ ڪرڻ، گنجائش.

waler (ويلر) in India, a horse imported from New South Wales or from Australia generally, (هندستان ۾) اهو گهوڙو جيڪو آسٽريليا يا برطانيه مان گهرايو ويو هجي.

walk (واڪ) **vi, vt & n.** (of a biped) to move along on foot with alternate steps without running, the walker always having at least one foot on the ground; to go about; (of a quadruped) to move along in such a way that there are always at least two feet on the ground; to pace; to journey on foot; to ramble, go on foot for pleasure; to make

progress; to circulate, spread; to go restlessly about; to move; to behave in a certain way, follow a certain course; to move off, depart, withdraw; to conduct oneself, behave; to pass through or over, perambulate, traverse; to follow or trace out on foot; to measure out by walking, (پيرين پنڌ) هلڻ، گهمڻ، چال، ڊنگ، قدم کڻڻ، پيادل سفر ڪرڻ، گهمڻ ڦرڻ، آسائش واسطي پنڌ ڪرڻ، جنگهون ساهڻ، لور هلڻ، ٽهلڻ، ورتڻ، ونائڻ، ٽهلائڻ، گهمائڻ گهتائڻ، هوا خوري ڪرڻ، واڌارو ڪرڻ، ڦيرائڻ، پکيڙڻ، هيڏانهن هوڏانهن بي آرام ٿي هلڻ، هلڻ چلڻ، خاص نموني هلت ڪرڻ، هليو وڃڻ، موڪلائي وڃڻ، ڇڏي وڃڻ، پاڻ کي پيش ڪرڻ، هلت چلت ڏيکارڻ، وچان يا مٿان لنگهي وڃڻ، گهمڻ گهتڻ، رلڻ ڦرڻ، منجهان لنگهڻ، پيرين پنڌ هلڻ، ڪڍ وڃڻ يا ڳولي لهڻ، گهمي ماپ ڪرڻ، هوا خوري ڪرڻ، قدم رنج فرمائڻ، سئل، گهمتاري، پنڌ پيچرو.

walk about (واڪ ابائوٽ) **adv, n.** on the move, as in go walkabout, esp temporarily back into the bush, or meeting the public on foot; a wandering, a journey; a walk by royalty, in order to meet the public, هلڻ ڦرڻ، هيڏانهن هوڏانهن گهمندي ڦرندي، ايندي ويندي، عام ماڻهن سان پيادل وڃي ملڻ، رلڻ ڦرڻ، پيادل هلڻ.

walk around (واڪ آرائونڊ) **n.** a dancing formerly performance by Negroes or blackfaced minstrels in which a large circle is described; a march in procession about the stage; the music for either of these, شيدين يا ڪوئين جو ڪولائيءَ ۾ ڦرڻ ۽ نچڻ، ڪولائيءَ ۾ نچڻ وارو کيل ۽ ان کيل يا ناچ لاءِ موسيقي.

walkathon (واڪاٿون) **n.** a long-distance walk, either as a race or in aid of charity, ڊگهي مفاصلي وارو پنڌ ڪرڻ، وڏي پنڌ ڪرڻ واري مقابلي ۾ حصو وٺڻ.

walk a tightrope (واڪ اي ٽائيٽ روپ) **vt.** to follow a narrow and difficult route beset with dangers, as if on a tightrope, سوڙهي ۽ ڏکئي رستي تي هلڻ (جيڪو خطرن سان ڀريل هجي).

walker (واڪر) **n.** one who walks or takes part in walking races; a pedestrian; a colporteur or a vagrant; a forester; a person who trains and walks young hounds; any bird that walks rather than hops; a stick, insect; any device which helps esp babies or elderly people to walk; a man of good social standing who accompanies a woman VIP on official engagements in the absence of her husband, گداگر، رولو، لوفر، والدو، پيدل، ٻيلي جو عملدار، جيت، ٻارن ۽ پوڙهن ماڻهن کي پنڌ ڪرڻ ۾ مدد ڏيندڙ گاڏي، هٿ گاڏو، سٺي سماجي حيثيت وارو شخص جيڪو ڪنهن معتبر عورت سان گڏ هلي، ڪتن کي ڪيڙيندڙ، تيز هلڻ واري رانڌ.

walk-in (واڪ ان) **n, adj.** a person who enters premises to make enquiries or offer services without previously making contact; a theft committed by a walk-in thief; (of a thief) who gains entrance without breaking in, شخص جيڪو ڪنهن جاءِ اندر بنا اجازت جي گهڙي اچي، اندر گهڙي ايندڙ چور طرفان ڪيل چوري، چور جيڪو ڪاٽ هڻڻ کانسواءِ گهر اندر لنگهي اچي.

walking (واڪنگ) **n, adj.** the act or practice of moving on the feet without running; pedestrianism; the sport of racing using a walking rather than running gait; the condition of a surface from the point of view of someone who walks on it; that walks or that moves as if walking; that oscillates; used in or for walking; performed by walking; worked by a person or animal who walks; in human form, گهمڻ، پيدل هلڻ، تيز هلڻ واري رانڌ، تيز هلڻ واري ڊوڙ، پيادل گهمڻ، چتاڀيتيءَ جي رانڌ، مٿاڇري جي صورتحال، پنڌ ذريعي ڪيل ڪرڻ، ماڻهو يا جانور جو پنڌ ڪندي ڪيل ڪم، انسان وانگر هلڻ، ٻن پيرن تي هلڻ، گهمڻ، ڦرڻ، هوا خوري ڪرڻ.

walking bass (واڪنگ باس) **n.** (jazz piano) bass part in 4/4 rhythm using a simple repetitive tune moving up and down the octave, پيانو، ساز جو قسم.

walking-beam (واڪنگ بيم) **n.** a beam or oscillating lever for transmitting power, eg that actuating the cable in cable drilling for oil, (هڪ ڪاٺ يا لوهه جو) بند يا بيم جنهن سان ڳرو بار ٽپائجي جهڙوڪ ان زنجير يا لوڙ کي چڪي هلائڻ وارو بيم جيڪو تيل کوٽڻ واري زنجير کي هيٺ مٿي هلائي.

walking case (واڪنگ ڪيس) **n.** a patient not confined to bed, مريض جيڪو بستري داخل نه هجي، ٻاهريون مريض.

walking fern (واڪنگ فرن) **n.** an American fern whose frond tips take root when touching the ground, امريڪا جو نباتاتي ٻوٽو، آمريڪي فرن يا بفائج ٻوٽو.

walking fish (واڪنگ فش) **n.** any of various fishes; mainly Asiatic, which are able to move about on land, اهي مڇيون جيڪي خشڪي يا زمين تي به چُري ڦري سگهن، ڦٽڙ مڇي، گانگٽ.

walking-frame (واڪنگ فريم) **n.** a usu metal frame with four legs, for giving an infirm person support while walking, رواجي ڌاتوءَ جو چوڪنڊ يا جڙيل ڪاٺ يا جهلو، هلڻ مهل ٽيڪ ڏئي هلڻ وارو چوڦيرو فريم، پنڌ ڪرڻ لا مددگار جهلو يا اوزار.

walking gentleman or **lady** (واڪنگ جينٽلمين يا ليڊي) **n.** an actor or actress playing very small non-speaking parts for which a good appearance is required, خوش شڪل مرد يا عورت جيڪو ڪنهن فلم، ڊرامي يا اشتهار ۾ معمولي حصو وٺي، مهمان اداڪار يا اداڪاره.

walking-stick (واڪنگ اسٽڪ) **n.** a staff or stick carried

in the hand in walking, لڪڻ، ڇڙي، لٺ.

walk it (واڪ اِٽ) **vt.** to go on foot; to succeed, win easily, پيرين پنڌ وڃڻ، ڪامياب ٿيڻ، سولي سوڀ ماڻڻ.

Walkman ® (واڪ مئن) **n.** a small portable cassette player or radio with headphones, designed for personal use whilst walking, travelling, etc, ننڍڙو پاڻ سان کڻي وڃڻ جهڙو ڪيسيٽ رڪارڊر يا ريڊيو. سفر ۾ کڻي وڃڻ جهڙي ننڍڙي ٽيپ يا ريڊيو. ننڍو هٿ ريڊيو يا ٽيپ.

walk off (واڪ آف) **vt, vi.** to leave; to depart; to get rid of (eg disagreeable feelings or effects) by walking, ڇڏي وڃڻ، روانو ٿيڻ. جند ڇڏائي آجو ٿي پيدل وڃڻ. اٿي هليو وڃڻ.

walk of life (واڪ آف لائيف) **n.** vocation; a calling; employment, ڌنڌو، ڪرت، پيشو، ڪاروبار، وهنوار.

walk-out (واڪ آئوٽ) **n.** the act of walking out, usu to indicate disapproval; a sudden industrial strike, ساٿ نہ ڏيڻ. الڪار ڪرڻ. ناڪاري ٿيڻ. رُسي وڃڻ. ڪنهن هلندڙ معاملي يا ڪاروائيءَ کي ڇڏي ٻاهر نڪري اچڻ. ڪارخاني ۾ اوچتي ٿيندڙ هڙتال. احتجاج سبب نڪري وڃڻ.

walk-over (واڪ اوور) **n.** a race where only one competitor appears and has merely to cover the course to win; any easy or unopposed victory, usu in sport, ڇتاپيتي جنهن ۾ فقط هڪ رانديگرحاضر هُجي ۽ ٻيو غير حاضر رهي. سولي ۽ بنا مقابلي واري سوڀ.

walk up (واڪ اپ) **adj, n.** reached by means of stairs; (of a building) with upper storeys accessible only by stairs; a walkup building, apartment, جاءِ جنهن ۾ مٿين طبقن تي پهچڻ لاءِ ڏاڪڻ وسيلي پڄي سگهجي. ڏاڪڻ وارو رستو يا لنگهہ، چاڙهي. ڏاڪڻ چڙهڻ.

walk-way (واڪ وي) **n.** a road or path, constructed for pedestrians only; a country track for walkers, دڳ يا رستو جنهن کي فقط پيادل گهمڻ وارن لاءِ ٺاهيو ويو هجي. ٻهراڙيءَ جي علائقي جو پيچري وارو لنگهہ. پيچري تي پنڌ گهمڻ.

walky-talky (walkie-talkie) (واڪي ٽاڪي) **n.** a portable transmitting and receiving radio-telephone, کڻي هلڻ وارو هلڪو ريڊيو ٽيليفون (جنهن ذريعي ڳالهائي ۽ ٻڌي سگهجي). بنا تار واري ٽيليفون يا وائرليس سيٽ.

wall (وال) **n, vt.** a structure of brick, stone, for security or to enclose a space such as a piece of land; a side of a building or of a room; a very steep smooth rock face; fortifications, any bounding or encasing surface suggestive of a wall, eg the membranous covering or lining of an organ of the body or of a plant or animal cell; the side next to the wall; a defence, means of security; a psychological and physiological barrier to further effort; to enclose with, or as if with a wall; to fortify with walls, پلويرڙو. ديوار، ڀت. جاءِ يا ڪمري جو پاسو. شهر پناهہ. چار ديواري، ويري. ڪنات.تمام لهواري لسي جپ يا ٽڪري جي مُهاڙ. ڪوٽ، قلعو. بند ٻڌل مٿاڇرو. بدن جي ڪنهن عضوي جي اندرئين کل جي هيٺان ڍڪيل عضوو يا جدا ڪيل عضوو. ڪنهن ٻوٽي يا جانور جي ڪنهن ٽڪري جي جزي جو پردو يا ويري. وکي.

wallaba (وولبا) **n.** a caesalpiniaceous tree of the Guianas and Brazil, valuable for the medicinal properties of its resin and oil, and for its durable streaked reddish wood, گيانا ۽ برازيل جي ملڪن جو تيل برادر ڳاڙهي رنگ واري ڪاٺ وارو وڻ. جڙي ٻوٽي، طبي ٻوٽو.

wallaby (وولابي) **n.** any of a number of small marsupials of the family macropodidae, هڪ ڪچو چاول ٽڻ پيڻ وارو جانور. ٿيلهيءَ وارو جانور. ننڍڙو ڪينگرو جانور. ولابي ڪينگرو.

wallaroo (ولارو) **n.** a large kangaroo آسٽريليا جو وڏو ڪينگرو جانور. والرو ڪينگرو.

wall bars (وال بارس) **n.** horizontal bars fixed to a wall, used by gymnasts, هموار شيخن سان مڙهيل ڀت جنهن تي ورزش ڪري سگهجي.

wall board (وال بورڊ) **n.** building-board, board for lining walls, consisting of plaster or wood fibre compressed between layers of thick paper, تختو يا ڦٽو جيڪو ڀتين ۾ اوساريءَ لاءِ ڪم اچي. اوساريءَ وارو تختو. ڦٽي يا ڪاٺ جي سِرَ.

wall climber (وال ڪلائمبر) **n.** a glass-walled elevator whose shaft is on the exterior wall of a building, هڪ شيشي جي پاسن واري مٿي چاڙهڻ جي ڪل. شيشي واري لفٽ.

walled (والڊ) **adj.** enclosed with a wall; fortified, ڀت سان بند ڪيل يا وڪوڙيل. ڀت ڏنل. قلعي بند، مورچابند.

wallet (والٽ) **n.** a small folding case for holding money, papers; a bag or knapsack; pack; bundle; a pocketbook; a bag for tools; a bag for carrying necessaries on a journey; a bag with the opening at the middle and a pouch at each end; anything protuberant and hanging loosely, ننڍي ويڙهجڻ واري مياڻ. ڪسبتَ، ٿيلهي، ٻٽون. کيسي ۾ رکڻ جو ڪتاب. اوزارن رکڻ جي ٿيلهي، ڳوٿري. هڪ ٿيلهي جيڪا وچ تان کلي. ڪابہ شيءِ جيڪا ٻاهر نڪتل ۽ لڙڪيل هجي. ٿيلهو، ڳنڍ، هَڙ. خورزين، ٻڪري، جهولي. ڪچڪول، ٻڊڪ. بيڊڪي، خاصہ دان.

wall-eye (والا آءِ) **n.** an eye in which the iris is a very light grey or whitish, particoloured or a different colour from the other, or in which the white part is large or noticeable; glaucoma; any of various fishes, esp the pike-perch, اک جنهن جي مائڪيءَ جي پاسن وارو حصو، پيلو يا اڇو هجي. مختلف نظر ايندڙ رنگن وارين اکين وارو. اک جي مائڪي. موتيابند. ڪارو پاڻي. مڇيءَ جي جنس.

wallflower (وال فلاور) **n.** a garden plant with sweet-smelling yellow, orange or orange-brown flowers, found esp on old walls; any of various cultivars of this, with various coloured flowers; a person who remains a spectator at a dance, typically a woman who cannot obtain partners; a yellowish-red colour, بوٽو جنهن ۾ پيلا نارنگي يا ڳاڙها نارنگي گل هجن. رات جي راڻي. گل شب خوشبوء. گل ميخ. يوڪي جمايل بوٽا جن ۾ مختلف رنگن وارا گل هوندا آهن. هڪ شخص جيڪو ناچ ڏسندو ڏسي پر پاڻ نه نچي. عورت جنهن کي گڏ نچڻ وارو ساٿي نه هجي. پيلاڻ مائل ڳاڙهو رنگ.

walloon (وولُوَن) **adj, n.** pertaining to a French speaking people living chiefly in southern Belgium and adjacent parts of eastern France, or to their language; a man or woman of this people; their language, a dialect of French, فرينچ ٻولي ڳالهائڻ واريون بيلجم ۽ آس پاس جي ملڪن ۾ رهندڙن قومون. انهن جي ٻولي. انهن جا مرد ۽ عورتون. فرينچ ٻوليءَ جي ڳالهائڻ جو هڪ ڍنگ يا لهجو.

wallop (وولپ) **vi, vt & n.** to beat; to drub; to thrash; to move with noisy lumbering haste; to flounder; to gallop; to bubble and boil; to flap about; to strike with force; a plunging movement; a heavy blow; physical or financial power; to gallop; a flapping rap; beer, ڪٽڻ. سٽڻ. ليپڻ. ابرڻ. چهبڪ هڻڻ. گوڙ گهمسان ڪرڻ. خوام مخوام ابهر وچان هلي پوڻ. ڪپ چڪ مان جهاڳي هلڻ. ٻڙ ٻڙ ڪرڻ. تهڪڻ يا ڦڙڪڻ. آواز سان ڌڪ هڻڻ. زور سان ڌڪ هڻڻ. ٽپي هڻڻ. زوردار ڌڪ. بدني يا مالي طاقت. ڊوڙڻ. ڦڙڪڻ وارو ڪڙڪو. جون جو شراب يا بيئر. جوش کائڻ.

wallow[1] (وَولو) **vi, vt & n.** to tumble and roll about enjoyable in mud, as an animal does; to immerse or indulge oneself; to flounder; (of a ship) to roll from side to side making little progress; to live in filth or vice; to surge, heave, blow, well up; to cause to wallow; the act of wallowing; the place or the filth, an animal wallows in; a hollow or depression suggestive of a wallowing-place; a rolling gait; the swell of the sea, ليٽڻ (خوشيءَ وچان) ليٽڙيون پائڻ. ڪپ واري پاڻيءَ ۾ کهڙي پوڻ. جهاز جو پاسن پر اٿلڻ پٿلڻ (جنهن سبب سندس رفتار ۾ واڌرو نه ٿيڻ). گندگي ۾ گناهہ اندر رهڻ. مٽي چڙهڻ. مٽي چڪڻ يا ڪڻڻ. ڌڪ هڻڻ. پاڻ پرو ٿيڻ. ليٽڙائڻ. ليٽڙيون پائڻ. اها جاء يا اها گندگي جنهن اندر جانور ليٽڙن. ليٽڙڻ واري ٽور يا چال. سمنڊ جي وڏي لهر.

wallow [2] (وولو) **vi.** to fade away, سُسي وڃڻ. ڪومائجڻ.

wallowed (وولوڊ) **adj.** withered, faded, ناس ٿيل. ڪومائيل. ڳريل. جهڪو ٿيل. ڦٽل.

wall painting (وال پينٽنگ) **n.** the decoration of walls with ornamental painted designs; a work of art painted on a wall, ڀتين کي گلن ۽ رنگن سان چترڪاري ڪري سينگارڻ. هنرمند جو ڀت تي ڪيل چٽساليءَ جو ڪم. ديوارن تي چٽسالي ڪرڻ. ديواري نقش ڪاري. ديواري نقش نگار.

wall paper (وال پيپر) **n.** paper, usu coloured or decorated for pasting on the walls of a room, something of a bland or background nature, lacking originality or noteworthiness, ڪمري جي ڀتين تي چنبڙائڻ لاء ڪاغذ. پنيان يا هيٺيان لڳل نه نظر ايندڙ يا هلڪي نظر ايندڙ شيء. معمولي ڪم. ملمع ڪاري. پس منظر ۾ ڪيل معمولي ڪم.

wall plate (وال پليٽ) **n.** a horizontal piece of timber or of rolled steel on a wall, to bear the ends of joists, etc, سڌو ڪاٺ جو ٽڪر يا رَڪ جو ٽڪر. ڪاريڊر. لوهي پٽي. ديواري داسو. ديواري تختي. دستي. ڪامر. شهتير.

wall rue (وال ريو) **n.** a small fern growing on walls, one of the spleenworts, هڪ ننڍو ٻوٽو. ديوارن تي چڙهندڙ ول. گل هرمرو (ول وارو ٻوٽو).

wallsend (وال زينڊ) **n.** coal dug at Wallsend in Northumberland; later, coal of a certain quantity and size, زميني يا پٿريلو ڪوئلو. ڪوئلو جيڪو ڪنهن مقرر انداز ۾ ماپ جيترو هجي.

wall wort (وال ورٽ) **n.** a name applied to various plants growing on walls, eg pellitory, wall pepper, ديوارين يا ڀتين تي چڙهندڙ وليون. ديواري ٻوٽو.

wally [1](والي) **adj, adv, n.** excellent, fine-looking, ample; made of china or glazed earthenware, finely, well; an ornament; finery; a showy trifle; china, glazed earthenware, etc, خاصو سڀ کان سٺو. سوڻهن پريو. جهجهو. چينيءَ يا ڪاشيء جا لسا نهيل ٿانو ٿپا. سهڻو نمونو. ڀلو. سٺو زيور. رونق. ڏيک ويک. ڏيکاء واري شيء. چينيءَ جا ٿانو.

wally [2] or **wallie** (وَلي) **n.** a stupid, inept or despised person; generally, a fool, بيوقوف. نا اهل. ڌڪاريل شخص. ٻُوڪ. بي عقل. چسو. ڪنو. گندو. بي ڍنگو.

wallydrag or **wallydraigle** (ولي ڊرنگ يا ولي ڊريگل) **n.** a person or animal that is feeble, worthless or slovenly; the youngest of a family, ماڻهو يا جانور جيڪو ڏٻرو. نڪمو يا گدلو هجي. ڪٽنب جو سڀ کان ننڍو ٻاتي.

walnut (وال نٽ) **n, adj.** a genus (Juglans) of valuable and beautiful trees, some yielding value furniture wood; one of these trees; their wood; the nut of the common or English walnut; walnut juice; made from walnut wood; light brown in colour, اخروٽ جو ميوو. سڪل ميوو. اکروٽ جو وڻ. اکروٽ جو پيلو يا ڀورو ڪاٺ. اکروٽ جي رس.

walnut juice (وال نٽ جوس) **n.** juice from the husk of walnuts, used to stain the skin, اخروٽ جي کل جي رس جيڪا چمڙيءَ جي داغن لاهڻ لاء استعمال ڪبي آهي).

walrus (والرس) **n.** a huge marine web-footed, carnivorous animal inhabiting the artic seas, also called the morse or seahorse, related to the seals, having the upper canine teeth developed into enormous tusks; a walrus moustache, پاليءِ جو چاريءِ جهڙن پيرن وارو گوشت خور جانور، دريائي گهوڙو، سامونڊي گهوڙو، لڌڙي جي جنس جو وڏن ڏندن وارو جانور، سامونڊي شينهن يا والرس جانور.

walrus moustache (والرس موستيچ) **n.** a thick moustache with long drooping ends, ٿلهي مُڇ (جنهن جون ڏِگهيون لٽڪندڙ پڇڙيون هجن)، لڙڪيل وڏيون مڇون، والرس مانگر مڇ.

walty (والٽي) **adj.** inclined to lean or roll over, نمي پوندڙ، ويڙهجي پوندڙ، پاسي تي ڍري پوندڙ، ڪلابازي کائيندڙ.

waltz (والٽس يا والس) **n, vi, vt.** a German dance in triple time performed by couples with a rapid whirling motion; a slower circling dance, the music for either dance; a piece of instrumental music; to dance a waltz; to walk with arrogant assurance; to progress with carefree ease; to convey lightly and easily, جرمن ناچ جيڪو جوڙا گڏجي ڪن، (زال ۽ مرد)، هڪ ڍرو چڪرن وارو ناچ، ناچ لاءِ موسيقي، آڪڙيل نموني گهمڻ، بي پرواهي، آرام سان اڳتي وڌڻ، هوريان ۽ آرام سان پهچائڻ.

waltzing mouse (والٽسنگ مائوس) **n.** a mouse of a breed that moves forward in small circles, rather than a straight line, ڪوئي جو قسم جيڪو هلڻ مهل ڦيريون پائيندو وڃي.

waly (والي) **interj.** alas (Scot), هاءِ افسوس، (اسڪاٽلنڊ جي چوڻي).

wambenger (وامبينگر) **n.** (Austr) a small marsupial, آسٽريا جو اڌورو چاول جانور (جيڪو بعد ۾ ماءُ جي پيٽ واريءَ ٿيليءَ ۾ پلجي)، ننڍڙو ڪنگروءَ شڪل جانور، ڪنگرو ڪئو-موش ڪينگرو.

wamble (وامبل) **vi, vt & n.** (of the intestines or stomach) to give the feeling of working or rolling; to quake; to twist or wriggle; to move unsteadily; to turn round or upside down, or over and over; a rolling in the stomach; a feeling of a nausea; an unsteady, rolling or staggering movement, آنڊن يا پيٽ ۾ ور وڪڙ پوڻ، ڪم ڪرڻ يا هلڻ ڦرڻ جو ڏيکاءُ ڪرڻ، ڏڪڻ يا ڌُڪڻ، مروڙڻ يا سرڻ، گونٽات ڪرڻ، هڪ سرو ٿي نه هلڻ، چوڌاري ڦرڻ، مالش معدو، دل ڪچائي، دل ڪچي ٿيڻ، ڦيري، وري وري اٿلڻ پٿلڻ، پيٽ ۾ ور وڪڙ پوڻ، قيءِ اچڻ جو احساس ٿيڻ، بي سرو ڦرڻ، هيڏي هوڏي ٿيندڙ، هلچل يا چال.

wamble cropped (وامبل ڪراپڊ) **adj.** sick at stomach, پيٽ جو مريض، پيٽ ۾ سور، پيٽ ۾ وڪڙ، ضعيف معدو، مريض معدو.

wame (وير) **n.** the womb or (more frequently) the belly; a protuberant part or a hollow enclosed part, پيٽ، معدو، رحم، ٻچي داني يا ٻاهر نڪتل پيٽ، پيٽ جو ٻاهر نڪتل حصو يا ڍِڍ.

wampee (وامپي) **n.** an edible Asiatic fruit about the size of a large grape, with a hard yellow rind, ايشيائي کائڻ جو ميوو، ڇِڻ جو سخت کل وارو وڏي انگور جيڏو ميوو.

wampish (وامپش) **vt, vi.** to brandish, flourish, wave about, الارڻ، ڏيکارڻ، اشاري وڌائڻ، هيڏي هوڏي لوڏي ڏيکارڻ، لامارا ڏيڻ.

wampum (وومپر) **n.** a shortened form of the N American Indian name for beads made from shells, used as money etc, آمريڪن هندوستان جو انهن مڻين جو نالو جيڪي سپن مان ٺهن ۽ ناڻي طور ڪم اچن، ناڻي طور ڪم ايندڙ سپن مان ٺهيل مڻين جو اتر آمريڪي انڊين نالو.

wampum belt (وومپر بيلٽ) **n.** a belt consisting of shell beads so arranged as to convey a message or record a treaty, etc, پٽو جنهن ۾ ڪوين يا سپن منجهان ٺاهيل مڻيا مڙهيل هوندا آهن (جنهن ڪو نياپو ٿو ملي يا ڪو عهدنامو وغيره ٿو لکجي).

wamus (وامس) **n.** a kind of cardigan or strong jacket buttoned at neck and wrists, واسڪٽ يا چوغو جنهن کي ڳچيءَ ۽ ڪرائين وٽ بٽڻ لڳل هجن.

wan (وان) **n, adj. vt & vi.** lacking colour; pale and sickly; faint; dark, gloomy; wanness; to make or to become wan, بي رنگ، پيلو، ڦڪو، زردو، بيمار، مُوڙهل، اونداهو، غمگين، ڪومائجڻ جي صورت، لهڪاريل، ڪومائيل، پاروٿو، لهڪاريل، پيلو منهن، بيمار، موڳاڻيل.

wanchancy or **wanchancie** (وانچنسي) **adj.** unlucky, dangerous or uncanny, بدقسمت، خطرناڪ، شيطاني طبيعت وارو، سخت مزاج، ڏائڻ جهڙو، غشي، غيبي، بدبخت، بد نصيب، نياڳو.

wand (واند) **n.** a long flexible stick; a rod; a baton; a twig, thin stem, branch or young shoot of a willow used in basket making; something slender and rigid, eg a light walking-cane; a rod of authority, a caduceus, a rod used by a fairy, magician, conjurer, conductor or diviner; a measuring rod; a mark in archery سنهڙي ۽ ڪنئري يا نرم شاخ، سنهڙي شاخ جو ڇهو، بانس، چتاري يا ننڍو سَلو، هلڪو ڇهڪ، (اختياريءَ جي) لٺ، درويشن جو هاسو يا عصا، لڪڻ، سوٽو، ڇهو، پري، جادوگر يا بازيگر جي چڙهي يا ڇَهُڪ، ٽوٽائي، ماپڻ جي لٺ، تير اندازيءَ ڪرڻ وارو نشان، چٽڻ وارو نشان.

wander (واندر) **vi, vt & n.** to ramble or move here and there with no definite object, or with no fixed

course, or by a roundabout way; to go astray, deviate from the right path or course, the subject of discussion, the object of attention; to lose one's way; to be incoherent in talk, disordered in mind, or delirious; to traverse; to lead astray, or to bewilder; a ramble, stroll, ڀٽڻ، ڀٽڪڻ، رمڻ، رلڻ، ٿلڪڻ، ڀرمڻ، وتڻ، ڦرڻ، وڦلڻ، تواهي، گمراهه، ڏونُا ڪاڻڻ يا بنا ڪنهن خاص مقصد هلڻ چلڻ، گمراهه ٿي وڃڻ، صحيح رستي کان هٽي وڃڻ، رستو وڃائڻ، ڳالهائڻ ۾ ناموافق ٿيڻ، ڏيان کان ٽڙي وڃڻ، بي هوش ٿيڻ، حيران ڪرڻ، بي مهلو ڳالهائڻ، پسار ڪرڻ، گهمڻ.

wanderer (واندرر) **n.** one who wanders, esp habitually or from inclination; one that goes astray; a Covenantor who left his or her home to follow a dispossessed minister, رمتو، رول، گهومر، رولو، لوهو، ٿلڪائو، رولو چولو، ڀئوار، ڀٽڪندڙ، سَٽيار، رولاڪ، لولاڪڙ، ڀَٽوئو، سيلاني، رولاڪ، انسان يا جانور جيڪو رُلي (خاص ڪري عادت سبب يا ارادي سان)، اهڙو جانور، پکي يا انسان جيڪو ڪڏهن ڪڏهن ٻين ملڪن مان اچي ٿو، رولو جانور، سيلاني جانور، هڪ واعدو يا عهد نامو ڪرڻ وارو شخص جيڪو پنهنجو جهڳو ڇڏي هڪ مذهبي ماڻهوءَ جي ڪڍ لڳو رهي.

wandering (واندرنگ) **adj. n.** given to wander; unsettled; a travelling without a settled course; aberration. رمتو، رولو، رلندڙ، آوارو، ٿلڪو، رولاڪڙ، رلڻ، گمراهي، جهوت، ٿلڪو، رولو.

wandering jew (وندرنگ جيو) **n.** any of several trailing or creeping plants, esp a species of tradescantia, وڏن ٻيرن، اڇن يا گلابي گلن واري ول جي جنس وارو ٻوٽو.

wandering nerve (وندرنگ نَرو) **n.** the vagus, the tenth cranial nerve, مغزي تنتون، ڏهين مغزي تنت يا رڳ، دماغي تنت.

wandering sailor (وندرنگ سيلر) **n.** a popular trailing house plant with leaves that are maroon on the underside, گهرو وَل جنهن جا پن اندرئين پاسي واڱڻائي رنگ جا ٿين ٿا.

wanderjahr (وئندر يار) **n.** a year of journey manship or wandering, a wander year (Ger), مسافري يا رولڙي جو سال، گهمڻ ڦرڻ جو سال، سکڻ ۽ سمجهڻ جو سال.

wanderlust (وندر لسٽ) **n.** an urge to travel or move from place to place (Ger), مسافري ڪرڻ جو شوق، هنڌ هنڌ گهمڻ ڦرڻ جو شوق، سيلاني ڀٽو، رولاڪو.

wanderoo (وندرو) **n.** a name usu applied to the lion-tailed macaque, a native of the Malabar coast of India; properly, a langur of Sri Lanka, شينهن جهڙي پڇ وارو باندر، هنومان، (سري لنڪا جو) لنگور، ڏکڻ هندستان ۾ سلون يا سريلنڪا جو باندر.

wander plug (وندر پلگ) **n.** an electric plug on a flexible wire capable of being inserted in any appropriate socket, بجلي جو پلگ يا ٻوچ جيڪو ڪنهن ۾ مناسب خالي جي اندر پئجي سگهي، برقي ڦيردار بجي، برقي ڦسڪڻي بجي.

wander year (وندر ييئر) **n.** a year spent in travel to complete training or broaden experience before settling down to a trade or profession, سال سفر ڪندي گذارڻ ته ڪا سکيا پوري ڪجي يا آزمودو وڌائجي (ته جيئن ڪنهن ڌنڌي يا ڪاروبار تي جمي ويجي)، تجربي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏنل هڪ سال جو وقت.

wandle (وندل) **adj.** supple, pliant, nimble, چاپلوس، پرمتڙيو، چالاڪ، ڪومل، ڪونئرو، مڙندڙ، ڦلهڙو، ملاڪر، خوشامندڙيو، مڙلو، منهن ڪونئرو، تيز فهم، ڪڙو تڙو، چوهو، چڙڪ، چست.

wandoo (وندو) **n.** a W Australian eucalyptus having white bark and durable brown wood (Aboriginal), (اولهه آسٽريليا جو) يُوڪليپٽس يا بيدمشڪ جو وڻ (جنهن جا ڇوڏا اڇا ۽ ڳاڙهي ڪاٺي جتادار يا جهالائو ٿئي ٿي).

wane (وين) **vi & n.** (esp of moon) to decrease in size; to decrease in volume; to diminish; to grow less; to fail; to decline in power, prosperity, intensity, brightness, to draw to a close; gradual decrease or decline, گهٽتائي، ڪمي، لهڻ، ڪوٽ، گهٽجڻ، زوال، لڙڻ، جهپڻ، سسڻ، لاڙ، (چنڊ جو) گهٽ ٿيڻ يا مقدار ۾ گهٽجڻ، طاقت ۾ پنتي پوڻ، طاقت ۽ تجلي تاب ۾ گهٽجڻ، خاتمي جي ويجهو ٿيڻ، آهستي آهستي گهٽتائي يا زوال اچڻ، فنا طرف وڃڻ.

wang (وئنگ) **n.** the cheek; a wang tooth, ڳل يا ڳِتا، ڏند، ٻاهرنظر ايندڙ ڏند، وڃَ.

wangle (وئنگل) **vt, vi & n.** to obtain or accomplish by craft; to manipulate or falsify; to get one's way by guile; an exercise of such methods, ٺاهڻ، هنر ذريعي حاصل ڪرڻ يا ٺاهي راس ڪرڻ، اٽڪل سان بنائڻ يا ڪوڙو ڪرڻ، پنهنجو رستو ٻوهه يا دولاب سان هٿ ڪرڻ، اهڙن طريقن جو استعمال، حرفت سان (مراد) حاصل ڪرڻ، ڳالهه بنائڻ.

wanhope (ون هوپ) **n.** despair, نااميدي، مايوسي، لراسائي.

wanigan (وانيگان) **n.** in a lumber camp, a chest for supplies or a kind of houseboat for loggers and their supplies; also the pay office, سامان رکڻ جي پيٽي يا ٻيڙي، سڪل ٺانءُ، مزدورن کي پيسن ڏيڻ جو دفتر، راشن رکڻ واري جڳهه، لنڍي سانڍڻ واري جاءِ.

wanion (ونين) **n.** found in the phrases; with a vengeance, vehemently; bad luck to him, a curse on him, ڀاڪن ۾ ڳالهين ۾ وير رکڻ وارو، تمام تکائيءَ سان پٽ پاراتو ڏيڻ، (سندس) ڦٽا نصيب، غضب يا لعنت وجهڻ، لعنتائو وجهڻ.

wank (وئنڪ) **vi, vt & n.** (of a man) to masturbate; an act or instance of masturbation; objectionable, contemptible, مُشت زني ڪرڻ، مَٺ هڻڻ، اعتراض جوڳو، ڏڪار جهڙو، ڪنو، بد افعالو.

wankel engine (ونڪل انجڻ) **n.** a rotary automobile engine having an approximately triangular central rotor turning in a close-fitting oval-shaped chamber rather than conventional pistons and cylinders (Gr Eng Wankel invented it), تمام ننڍي ۽ بند چڱھي ۾ ڦرندڙ موٽر انجڻ. وينڪل جي ايجاد ڪيل انجڻ.

wanker (وئنڪر) **n.** someone who masturbates; a worthless, contemptible person, مشت زني ڪندڙ. مٺ ھٿندڙ. بيڪار ۽ ڏڪار لائق شخص. ڪنو ماڻھو. گندو. نالائق. بد افعالو.

wankle (ونڪل) **adj.** unstable, unsteady; changeable; not to be depended on, غير محڪم. غير مسلسل. غير مضبوط ڦرڻو گھرڻو. غير معتبر. غير اعتباري. لچڪڻو. اڻ پختو. چنچل. چترنگ. چلولو. ڦرندڙ گھرندڙ. بي بقا. ھلڙو. گھڻ مٽيو. ٻه دليو. ٻه چتيو. اڻ ٽڙ.

wannabe or **wannabee** (وينبي يا وينابي) **n.** someone who aspires to be associated with an admired person or set of people and accordingly tries, esp ineffectually, to imitate them; a vain fantasist, عزت ۽ تعريف واري ماڻھوءَ يا ماڻھن جي مجموعي سان گڏ رھڻ جي خواھش. ھڪ مغرور سودائي شخص. وڏ ماڻھپائي ڏيکاريندڙ نڳ. پاڻ کي ڪجھه سمجھندڙ ماڻھو.

wanrestful (وان ريسٽ فل) **adj.** restless, بي آرام. بيتاب. سڪ ڦٽل.

want[1] (وانٽ) **n.** the state or fact of being without something or of having an insufficient quantity; absence or deficiency of necessities; lack; need; indigence; poverty; difficult or straited circumstances; a lack, deficiency; a blemish; a defect, feebleness, in intelligence; requirements or desire, گھرج. ضرورت. اھا حالت يا حقيقت جنھن ۾ ڪجھه ٻه نه ھجي. اڻ پوري انداز ۾. غير موجودگي يا کوٽ. تنگ حالات. کوٽ. گھٽتائي. عيب. عقل جي ڪمزوري. ھيڻائي. اوڻ. اوڻائي. قلت. (عقل جي) مار. نقص. ڪوتاھي. لوڙ. طلب. احتياج. محتاجي. ڏٻرائي. ضرورتون يا خواھشون. تڙ پيڙ.

want[2] (وانٽ) **n.** a mole, (منھن يا بدن تي) تِرُ. خال. ڦڙو وغيره.

wantage (وينٽيج) **n.** deficiency, shortage گھٽتائي. کوٽ. ڪمي. اوڻائي. قلت. ڪوتاھي.

wanted (وانٽيڊ) **adj.** lacking; needed; desired; searched for, esp by the police, کٽل. گھرجائو. ضرورت ۾ پيل يا گھريل. جنھن کي ڳولجي (خاص ڪري پوليس جي طرفان). گھرجائو.

wanthriven (وانٿرائيون) **adj.** stunted; ill-grown; emaciated, وڌڻ کان روڪيل. وڌڻ نه ڏنل. صحيح طور تي نه پاليل يا اسريل. ھيٺو. ڏٻرو. ڳريل. نستو. ڪمزور. جامڙو. ڪوتاھ قد.

wanting (وانٽنگ) **adj, n.** absent, missing, lacking; not good or strong enough; deficient; failing to help, do justice to, come upto; slow to; below the desired or expected standard; mentally defective; poor, needy, غير حاضر. گم ٿيل. پٺتي پيل يا کٽل. گھٽ. اڻپورو. مدد ڪرڻ کان رھجي ويل. ڍلو. گھريل يا اميد ڪيل درجي کان گھٽ يا پوئتي پيل. (دماغي طرح) ناقص. عيب دار. غريب. گھرجائو. ڪانسواءِ. بنا. ھيڻ. اوڻو. غائب.

wanton (وانٽن) **adj, n, vi & vt.** not kept in due restraint; unprovoked; lustful; frolicsome; rank; thoughtlessly cruel; unprovoked, unjust, merciless; capricious; self indulgent, given to luxury; lascivious or amorous; undisciplined, unruly, unmanageable; immoral, licentious, lewd; insolent, arrogant, merciless in power or prosperity; an immoral person, esp female; a roguish, playful child, animal; to frolic; to play lasciviously or amorously; to idle, to trifle; to indulge oneself, run into excesses; to use wastefully, بي احساس. ڪنور. (بنا چيڙڻ جي) چڙيل يا چڙيل. ناانصاف. بي رحم. ٻڙرالو. خود غرض. عيش پسند. عياش يا شھوتي. بي ضابطي. چڙواڳ. ضابطي ھيٺ نه اچڻ وارو. بدچال. فاحش. بد اخلاق. گستاخ. بي ادب. ھٺيو. مغرور. بد چال. لچو. (ٻارن وانگر) البيلو. اجايو. لھري. مست. مڳ. وڏيڪ. بيھودو. بي غيرت. بي فائدو. کيچلو. ڪڏڻو. لچڻو ٽپڻو. رؤنشائي. سست ٿي ويھڻ. اجايو وقت وڃائڻ. ظلم ۽ دست درازي ۾ پوڻ. اڃلڪو خرچ ڪرڻ. انداز کان ٻاھر ھلڻ.

wantonly (وانٽنلي) **adv.** without restraint or provocation; sportively; lasciviously; lustful; frolicsome; rank; a lewd person; a trifler; to revel unrestrainedly, خالي ٻيلي. مستيءَ سان. بنا روڪ ٽوڪ. راھه ويندي. ھرويرو. حق و نا حق. بنا سوچ ويچار جي. آزاديءَ سان. چالي ٻجھي.

wantonness (وانٽن نيس) **n.** the condition of being restrained; lustfulness; frolicsomeness; lewdity; revelling, چنچلائي. سواسي. مستائي. من جي موج. بي ضابطگي. بدڪاري. بي حيائي. بيغيرتي. آزادي. بنا جھل پل جي.

want-wit (وانٽ وٽ) **n, adj.** a fool, someone lacking common sense, ايائو يا اھڙو جنھن ۾ سَرت يا سياڻپ يا عقل جي کوٽ ھجي. بي عقل. ڪم عقل. چرياڻ. چريٽ.

wanty (وانٽي) **n.** a belt used to secure a load on a pack-horse's back; the belly-band of a shaft-horse; a short rope, esp one used for binding hay on a cart, لاڏو گھوڙي جي پٺيءَ تي سٿيل بار (سامان) کي سوگھو ڪرڻ واسطي پٽو يا تنگ ٻڌڻ. گاڏيءَ ۾ جوٽيل گھوڙي جي پيٽ تي ٻڌل تنگ. ننڍي رسي. ڏوري. لوڙي. تنگ پٽي. گاڏيءَ تي رکيل بار کي ٻڌڻ واري رسي يا ڏوري.

wanworth (وان ورٿ) **n.** a very low price; a bargain, تمام گھٽ قيمت. گھٽ قيمت تي ٻوليل سؤدو. سستو سودو.

wanze (وانزي) **vi.** to decrease, waste away, گھٽائڻ. لھڻ.

ڪهت ٿيڻ، اجايو وڃائي زيان ڪرڻ، دف ڪرڻ، خارج ڪرڻ، ضايع ڪرڻ.

wap[1] **(ويپ)** vt. to throw or pull quickly or roughly; to strike or drub; to flap, اڇلڻ، تڪڙو يا اُڇاتري نموني ڇڪڻ، زوريءَ ڇڪڻ، تڪڙو اڇلائڻ، وڄهڻ، مارڻ، ڊڙڻ، چلهڻ، ڪٽڻ، ڌڪ هڻڻ، مهٽڻ، ڦڙ ڦڙ ڪرڻ، پَرَ هڻڻ.

wap[2] **(ويپ)** vt, n. to wrap or bind; a turn of a string with which anything is tied; a bundle of hay, ويڙهڻ، ٻڌڻ، ڪنهن رسي جو وڪڙ يا ويڙهو، ويڙهو ڏئي ٻڌڻ، ٻڌل ڀري يا ڳنڍ، ٻهه جي ٿهي، ڳوپ، ڇاٻهن.

wapentake (ويپن ٽيڪ) n. a name given in Yorkshire and certain other shires to a territorial division of the county similar to the *hundred* of southern counties, (يارڪ شاير ۾) علائقائيءَ ورهاست يا ڀاڱي کي ڏنل نالو، علائقو، حلقو، ضلعو.

wapiti (وئپٽي) n. a species of deer of large size, native to N America; a North American stag. (اترآمريڪي) وڏي قد وارو ساڻيڙ، ٻارهن سڱو.

wappend (ويپنڊ) adj. fatigued, tired; incontinent, unchaste and connected with sense of wap, to copulate, ٿڪل ٽٽل، ناپرهيزگار، اڻ ستو، غير پاڪدامن، ٻچڙائيءَ وارن ڪمن ۾ وچڙيل، ياري يا تعلق رکڻ، ڪريل.

wappenshaw, wapenshaw, wapinshaw, wappens, wapenshaw, wapenschaw, or **wapinschaw (ويپن شا)** n. a periodical gathering of the people within an area for the purpose of seeing that each man was armed in accordance with his rank, and ready to take the field when required; a rifle-shooting competition, ماڻهن جو ڪنهن علائقي اندر پنهنجن هٿيارن سان تيار ٿي ڪنهن مقرر وقت ۽ هنڌ تي پهچڻ ۽ ضرورت وقت انهن جو فوجي خدمتن ۾ حصو وٺڻ، رائيفلن سان چٽڻ جو مقابلو، نشاني بازيءَ جو مقابلو.

wapper (ويپر) vi. to blink; to move tremulously, (اکيون) هڻڻ، يا ڇنڀڻ، اک پٽڻ، هلڻ ۾ ڏڪڻ، لرزڻ، ڪنبڻ.

wapper-eyed (ويپر آئيڊ) adj. blinking, (اکيون)ڇنڀڻ، پٽڻ.

wapper-jaw (ويپر جا) n. a projecting under-jaw, هيٺين لڪتل ڄاڙي، ڪاڏيءَ هيٺان وڌڙڪ يا وڌيل گوشت.

waqf or **wakf (وقف)** n. (Islam) the donation of land, property or money for charitable or pious purposes; such an endowment; in Jerusalem the authority administering the holy sites, (مذهب اسلام مطابق) زمين، ملڪيت يا پيسن جو خيراتي يا پرهيزگاريءَ جي ڪمن واسطي وقف يا خيرات ڪرڻ، امداد، يروشلم شهر اندر پاڪ جڳهن جي انتظام جي اختياريءَ وارو ادارو.

war (وار) n, vi. a state of conflict between nations or parties; a contest between states, or between parties within a state (civil war) carried on by arms; any long continued struggle, often against or between impersonal forces; fighting; open hostility; the profession of arms; any army or war equipment; a contest, conflict; to make war; to carry on war; to contend, جهڳڙي جي حالت، رياستن يا ملڪن وچ ۾ مقابلو، رياست اندر ڌرين يا جماعتن جي ويڙهه، مختلف فرقن وچ ۾ تڪرار، ويڙهه، چنايتي يا جهيڙو، متاڪت، ڪشمڪش، ڪوشش، محنت، ڪليل دشمني، هٿيارن جو واهپو يا ڪرت، لشڪري يا جنگي سامان، تڪرار، لڙائي جهڳڙو، جنگ ڪرڻ، جنگ جاري رکڻ، مقابلو يا جهڳڙو ڪرڻ، ڪيڏارو، اراڙو، جڌ، يڌ، جهاد، جنگ جوڙڻ، مقابلو ڪرڻ، منهن ڏيڻ.

waratah (وراتا يا وراتهہ) n. any of a genus of Australian proteaceous shrubs with very showy flowers, آسٽريليا جا ٻوٽا جن ۾ تمام نظاري دار گل ٿين ٿا.

war baby (وار بيبي) n. a baby born during a war, esp a serviceman's illegitimate child; any discreditable or troublesome result of war, جنگ جي وقت ڄاول ٻار، بي مانو، بدناموس، تڪليف ڏيڻ وارو جنگ جو نتيجو، جنگ دوران ڄاول فوجيءَ جو ناجائز اولاد.

warble[1] **(واربل)** vi, vt, n. to sing or utter musically in a vibrating treble or soprano, to trill; to sing with elaborations such as runs and trills; to sing sweetly as birds do; to make or be produced as a sweet quavering sound; to yodel; to sing in a vibratory manner; to sing sweetly; the activity or a spell of warbling; a song, للڊڙ نموني ڳائڻ يا آواز کي لهرائڻ، پلٽا هڻي ڳائڻ، پکين وانگر مٺي آواز ۾ ڳائڻ، مٺو يا لرزش وارو آواز ڪڍڻ، آواز ڪڏهن رواجي سُر ۾ ۽ ڪڏهن وڏو آواز ڪڍڻ، ٻولڻ، ٻولي ڪرڻ، آلاپڻ، تنوارڻ، لات، ڳائڻ.

warble[2] **(واربل)** n. a small hard swelling on a horse's back, caused by the galling of the saddle; a swelling caused by a warble fly or a botfly, گهوڙي جي پٺي تي لنڊڙي سخت ڳوڙهي جيڪا هني يا زين جي گسڻ ڪري ٿئي، گهوڙي جي پٺيءَ جي سوڄ جيڪا مک جي ڏنگ سبب ٿئي ٿي.

warble fly (واربل فلاءِ) n. any of several flies of the same family as botflies whose larvae cause painful swellings that spoil the hides of horses and cattle, مکيون جن جا ٻچا گهوڙن ۽ جانورن جي بدن تي چڪ هڻي ڳوڙهيون ڪري سندن کلن کي ڪاري وڃهنديون آهن.

warbler (واربلر) n. one who warbles; a singer; a songster; a singing-bird; any bird of the subfamily Sylviinae; any of numerous small, brightly coloured American birds; a whistle used in infant classes an ornamental group of grace notes, پلٽا هڻي ڳائيندڙ، گويو، راڳيندڙ، ڳائڻو پکي، ٻوليندڙ پکي، تنوارينڊڙ پکي، چيهو پکي، هڪ سيٽي جيڪا ننڍا ٻارڙا وڄائين، ڳائڻو، قوال، ٻولي ڪندڙ.

پاڻ لڪنڪي، پڊيلو، ٿيا ٿيا ڦتڪي پکي، لڪنڪي، ڦوسڙي پکي.

war bonnet (وار بونيٽ) **n.** a headdress, often with long trailing chains of feathers, worn by members of certain N American Indian tribes, (اتر آمريڪا جي اصلوڪن رهاڪن جو) مٿي وارو پڻڪو جنهن ۾ اُپا کنڀ لڳل هجن، ڪنين سان سينگاريل ٽوپي.

war bride (وار برائيڊ) **n.** a soldier's bride, met as a result of wartime movements or postings, جنگي سپاهيءَ جي زال، جوءِ يا سُريت (جيڪا هن کي جنگ جي زماني ۾ گهمندي ڦرندي يا ڪٿي نوڪري ڪندي ملي وئي هجي) ساٿياڻي، سنگتياڻي، ساهيڙي، زال يا سريت.

warby (واربي) **adj.** worn-out, decrepit, unattractive; unwell, unsteady, ٿڪي ٽٽي پيل، ڏٻرو يا هيڻو، جهڙ ڪراڙو، بڍو، پوڙهو، ڪٺل، اڻ موهيندڙ، ناتندرست، غير محڪم، اڻ ٽِڪيل، غير مستقيم، بي شڪليو، بد صورت، بيمار، ڪمزور، ناتوان.

war chest (وار چيسٽ) **n.** funds set aside to pay for a war, political campaign, etc, جنگ يا سياسي مهم لاءِ مخصوص رکيل رقمون يا پيسا، جنگي خرچ، فوجي خرچ لاءِ رقم.

war cloud (وار ڪلائوڊ) **n.** a cloud of smoke and dust over a battlefield; a sign that war is threatening or impending, جنگ جي ميدان جي مٿان بيٺل دونهين ۽ مٽيءَ جو ڪڪر، جنگ جي ويجهو اچڻ جي نشاني، جنگ جي وڌڻ واري حالت.

war correspondent (وار ڪريسپانڊنٽ) **n.** a journalist or other person assigned to a set of war so as to give first-hand reports of events, صحافي يا اخبارن ڏانهن لکي موڪليندڙ شخص (جنهن کي ڪنهن جنگ واري هنڌ جو حال احوال وٺڻ جو ڪم سونپيو ته ٿيندڙ واقعن جون تازيون خبرون موڪلي ڏئي)، جنگي خاطو، جنگ جي خبر چار ڏيندڙ صحافي.

war crime (وار ڪرائيم) **n.** a crime connected with war, esp one that violates the code of war, ڏوهه يا گناهه (جيڪو جنگ سان واسطو رکندڙ هجي)، جنگي قانون جي ڀڃڪڙي ڪرڻ وارو ڏوهه.

war cry (وار ڪراءِ) **n.** a word, motto, phrase or cry used in battle for encouragement or as a signal; a slogan, رڙ، خطري جو اطلاع ڏيڻ، نعرو هڻي جنگ شروع ڪرڻ، جوش ڏيارڻ واري رڙ، جنگي نعرو.

ward (وارڊ) **vt, vi & n.** to guard; to fend off; to parry or keep away; to watch over; to protect; to enclose in order to prevent accidents; to place in a ward; to act on the defense; a room with several beds in a hospital, the patients in a ward collectively; a division or department of prison; the activity or a spell of watching or guarding; care, protection; guardianship; custody; control of the lands of a minor; a minor or other person under a guardian; an administrative, electoral or other division of a town; a division of an army, رکيا، نگهباني، حفاظت، سرپرستي، روڪڻ، ٽارڻ، ٽاري ڇڏڻ، نگاهه رکڻ، سنڀال ڪرڻ، بچائڻ، سنڀال هيٺ رکڻ، بچاءَ ۾ ڪم ڪرڻ، اسپتال جو ڪمرو، جيل جو ڀاڱو يا ڪاتو، سنڀال يا بچاءَ جو ڪم، سنڀال، بچاءُ، حفاظت، حوالات، نظربندي، صغير جي ملڪيت جي سنڀالڻ جو اختيار يا ضابطو، شهر جي چونڊن لاءِ حلقو، ورهاست ڪرڻ، فوج جو حصو يا دستو.

-ward or -wards (وارڊ آر وارڊس) **sfx** forming adjectives and adverbs with the sense of motion towards, آخر ۾ لڳائڻ وارو اهو اکر يا لفظ جيڪو اسم کي صفت يا ظرف جي صورت ۾ آڻي.

war dance (وار ڊانس) **n.** a dance performed esp. by tribes in preparation for battle or after a victory. جنگ شروع ڪرڻ يا کٽڻ وقت مختلف جنگو گروهن يا قومن جو جنگي ناچ، کٽڻ جي خوشيءَ وارو قومي ناچ، جنگ جي تياريءَ جو ناچ.

ward corn (وارڊ ڪارن) **n.** a payment in corn in lieu of military service; فوجي خدمتن عيوض اناج جي صورت ۾ مقرر ڪيل ڏن، اجورو.

warden[1] (واردن) **n.** one who guards or keeps under supervision people, animals, buildings, precious objects; a gatekeeper or sentinel; a keeper; a regent; the governor of a town, district; a title of certain officers; a member of certain governing bodies; a superintendent; the head of certain institutions, such as schools, colleges, hostels; someone appointed for duties among the civil population in cases of fire or air raids, شخص جيڪو ماڻهن، جانورن، جاين ۽ قيمتي شين تي نظر رکي، سندن پهري داري ۽ سنڀال ڪري، شڪار ڪاتي جو وڏو آفيسر، محافظ اعليٰ، دربان، سنتري، قائم مقام حاڪم، (جيڪو ڪنهن نابالغ يا چرئي جي پاران انجي ملڪيت جو انتظام سنڀالي)، شهر يا ضلعي جو گورنر يا حاڪم، ڪن عملدارن جو لقب، ڪن انتظامي ادارن جو شريڪ مشير يا ميمبر، ڪن ادارن جهڙوڪ اسڪول، ڪاليج، هاسٽل جو سربراهه يا ناظر، حملي جي حالتن ۾ شهري رهاڪن جي حفاظت ۽ بچاءَ جا فرائض ادا ڪرڻ لاءِ مقرر ٿيل عملدار، راکو.

warden [2] (واردن) **n.** a kind of pear used esp in cooking, ناسپاتيءَ جي جنس جو رڌي کائڻ وارو ميوو.

warder[1] (واردر) **n.** a prison officer; a guard, a keeper. جيل جو عملدار، چوڪيدار، چوڪيدار، پهريدار.

warder[2] (واردر) **n.** one who guards or supervises; a prison officer incharge of prisoners in a jail; a staff or baton of authority; to guard as a warder, پهرو، نظر يا نگاهه، قيدخاني جو عملدار، عملداري عصا، لٺ يا ڏنڊو، لوڙهه، پهري ڏيڻ وارو عملدار، پهريدار، سنڀالدار.

wardian (واردين) **adj.** denoting a kind of glass case

for transporting delicate ferns and other such plants or for growing them in indoors, شيشي جي پيتي يا خانو (جنهن ۾ نازڪ ٻوٽن کي رکي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ کڻي وڃجي يا پوکجي).

war dog (وار ڊاگ) **n.** a dog used in war; an old warrior; a war hawk, (جنگ وقت ڪم ايندڙ) جاسوسي ڪندڙ ڪتو. پراڻو جنگي جوڌو، ونڪو، ڪوڙ، سورهيه، پراڻو جنگجو ۽ تجربيڪار سپاهي، غازي.

wardress (وارڊريس) **n.** a female prison officer, زالن جي قيد خاني جي عورت عملدار، پهريدار، سنڀالدار.

wardrobe (وارڊ روب) **n.** a room or piece of furniture for containing clothes or theatrical costumes; one's stock of wearing apparel; bright or multicoloured raiment, eg that of flowers; a ship's complement of sails; a department of royal or noble household having charges of robes, wearing apparel, jewels etc, ڪمرو يا ڪٻٽ جنهن ۾ ڪپڙا رکيل هجن، الماڙي، پهرڻ جي ڪپڙن جو سٿو، چمڪندڙ پوشاڪ، رنگا رنگي پوشاڪ، لباس يا ڪپڙا، ٻاڙيءَ واري جهاز جي سڙهن رکڻ جي جاءِ، شاهي يا وڏن گهراڻن جي پوشاڪن ۽ جواهرات رکڻ جو کاتو، (شاهي) توشيخانو.

war drum (وار ڊرم) **n.** a drum beaten as a summons to war, or during a battle; a rumbling or threat of impending war, جنگي دهل يا نغارو وڄائي جنگ واسطي سڏڻ، جنگي آواز، خطري جو طبل، اطلاعي واڄو.

wardship (وارڊشپ) **n.** guardianship; the office of, or the state of being under a guardian; protection, custody; the state of being in guardianship, حفاظت، سنڀال، صغير جو سنڀاليندڙ، سنڀال هيٺ، حفاظت هيٺ، صغير يا نابالغ جيڪو ٻئي جي حفاظت هيٺ هجي.

ware[1] (ويئر) **n.** articles of merchandise or produce collectively; an article of merchandise; pottery; articles of fine workmanship; ornamental metalwork from India; articles of a specified type or material, as in hardware, software used to denote categories of material made, use of, in computer processing, واپار يا پيداوار جا سامان اسباب، واپار لاءِ مخصوص ڪيل يا ٺهيل شي، ٺڪر جا ٿانوَ ٿپا، سهڻي ڪاريگريءَ سان ٺاهيل سامان سڙو، چٽساليءَ وارو سامان، اڪر جي ڪم وارا ٿانوَ ۽ شيون، ڪمپيوٽر جون خاص قسم واريون شيون يا سامان، بکر، وکر، سوڌو، ولچ، جنس.

ware [2] (ويئر) **adj, vt & vi.** aware; wary, cautions; prudent; to beware, beware of; to avoid, refrain from riding over; incautious; unaware, واقف، سجاڳ، خبردار، دور انديش، سياڻو، خبردار ٿيڻ، خبردار ٿي پاسو ڪرڻ، پاسي کان لنگهي وڃڻ، بي خبر، اڻ ڄاڻ، (ٻئي کي اشارو ڪري چوڻ تہ) چيتو جاءِ رک، جسو جاءِ رک، خيال ڪر، سنڀالي اڪتي وڌ!

ware[3] (ويئر) **n.** springtime, بهار جو وقت يا موسم.

ware[4] (ويئر) **n & vt.** seaweeds, employed as a manure; to spend, سمنڊ جا ڪک ڪانا، سامونڊي ٻوٽا، سامونڊي گاهہ، خرچ ڪرڻ.

warehouse (ويئر هائوس) **n & vt.** a building or room for storing goods; a shop; a store house for goods; the music and dancing typical at a warehouse party; to deposit in a warehouse; esp a bonded warehouse; to store up, جڳهہ يا ڪمرو جنهن ۾ سامان گڏ ڪري رکجي، هٽ، دوڪان، گودام، گودام ۾ رکڻ يا گڏ ڪرڻ، حفاظت هيٺ گودام ۾ شين کي رکڻ جو عمل، محصول نہ ڏنل سامان جي رکڻ وارو گودام، عام قسم جي ناچ ۽ راڳ جي محفل.

ware housing (ويئر هائوسنگ) **n.** the act of depositing goods in a warehouse; the practice of covertly building a block of company shares, using one or more front companies to obtain shares on behalf of the true purchaser, پالدي يا گودام ۾ رکڻ، لڪي ڇپي ڪنهن ڪاروباري اداري جي حصن جي جمع ڪرڻ جو عمل (جنهن ۾ هڪ يا وڌيڪ اڳرين ڪمپنين جي حصن کي اصل خريدار پاران ٻين طرفان خريد ڪرڻ).

warehouseman (ويئر هائوس مئن) **n.** a man who keeps, or is employed in, warehouse or a wholesale store, شخص جيڪو ڪنهن پالدي يا گودام ۾ ملازم هجي، ٻڌي مال جي وڪري واري هنڌ رکيل ملازم، پالدي وارو نوڪر.

warfare (وار فيئر) **n, vi.** military service; war; contest; hostilities; the activity of engaging in, waging, or carrying on war; armed conflict; struggle or feuding of any kind; to wage war, جنگ جوٽڻ، هلائڻ، ڪرڻ يا ان ۾ شامل ٿيڻ، جنگي چرپر يا مشغولي، هٿياربند ويڙهہ، جهيڙو، جهڳڙو، جنگ جوٽڻ، جنگي معاملا، جنگ ڪرڻ.

warfarin (وار فرين) **n.** a crystalline insoluble substance ($C_{19}H_{16}O_4$) used as a rodenticide and medically (in the form of its sodium salt) as an anticoagulant, بلوري اڻ ڳرندڙ مادو (سينکيو يا سَم)، ڪوئن مارڻ جي دوا، رت کي جلدي ڄمڻ کان بچائڻ وارو طبي مادو، ڪيميائي مادو.

war game (وار گيم) **n.** a mock or imaginary battle or military exercise used to train personnel in tactics, a kriegspiel; a game, esp with detailed rules and using models, in which players enact historical or imaginary battles, etc, خيالي ويڙهہ يا فوجي مشق، ويڙهہ ۾ حصي وٺندڙن کي جنگي اٽڪلن جي تربيت ڏيڻ واسطي رچايل جنگي مشق، مشق واري راند (خاص ڪري تفصيلوار قاعدن جي آڌار تي جنهن ۾ ماڊل يا نمونا استعمال ڪيا آهن)، تاريخي جنگين جي آڌار تي جنگي تربيت ڪرائڻ.

wargod or **goddess** (وار گاڊ يا گاڊيس) **n.** a deity who presides over war, assigning victory or defeat, etc, جنگ وجدل جي ديوي يا ديوتا، ديوتا يا ديوي جيڪا جنگ جي نگهباني ڪري ۽ فتح يا شڪست جو فيصلو ڪري.

warhable (وار هيبل) **adj.** fit for war, جنگ لائق يا قابل.

war hawk (وار هاڪ) **n.** someone eager for war, جنگ واسطي منتظر، جنگ جو گهرندڙ يا چاهيندڙ، پراڻو جنگجو، تجربي ڪار سپاهي، جنگ جو ڪوڏيو، غازي، بهادر، جوڌو، ڪوپو، ونڪو، ڪوڙر.

warhead (وار هيڊ) **n.** the section of a torpedo or other missile containing the explosive material, بم، ميزائيل يا هٿيار جو اهو حصو جنهن ۾ تباهه ڪرڻ وارو بارودي مادو رکيل هجي.

war horse (وار هارس) **n.** a charger, a horse used in battle; an old warrior in any field of conflict; any standard, familiar, reliable, much-performed piece of music, play etc, جنگي گهوڙو (جنهن کي ويڙهه ۾ ڪم آڻجي)، جنگي جوڌو، سورهيه پهلوان، غازي، معياري، واقف ڪار، اعتبار جوڳو، اوتيل پوتيل، کهڙو آزمايل، راڳ رنگ يا کيل ناٽڪ.

waribashi (واري باشي) **n.** a pair of chopsticks in the form of a single sliver of wood ready scored for splitting into two (Jap), ڪاٺي (ٻن حصن جي لشان ٿيل) جنهن کي استعمال وقت ٽوڙي جُدا ڪري ڪم آڻجي، ڪاٺ وارين ڪاٺين جي ڳنڍيل جوڙي.

warison or **warrison** (وارسين آر ورسين) **n.** wealth; reward or punishment; a note sounding the assault, ڌن دولت، ملڪيت، انعام يا سزا، چٺيءَ ذريعي حملي بابت ڏنل سڏ.

war kettle (وار ڪيٽل) **n.** among N American Indians, a kettle set on the fire as part of the ceremony of going to war, ڪٽلي چُلهه تي رکي جنگ شروع ڪرڻ جو اشارو ڏيڻ، جنگ جي تياريءَ لاءِ ڪٽلي باهه تي چاڙهي اشارو ڏيڻ.

warlike (وار لائيڪ) **adj.** pertaining to war; martial, military; fit for war; equipped for fighting; intended for use in war; fond of war; bellicose, جنگ جو يا ان سان واسطو رکندڙ، جنگي، فوجي جوڌو، لشڪري، ويڙهه واسطي ٻهريل، ساز سامان سان تيار، جنگ لاءِ ٺهرايل يا مقرر ڪيل، جنگ لاءِ ڪوڏيو، ويڙهو، ويڙهاڪ.

warling (وارلنگ) **n.** someone disliked, (in the proverb it is better to be an old man's darling than a young man's warling), ناپسنديده (شخص)، الوڻندڙ.

war lock (وار لاڪ) **n.** a wizard; a magician; a demon; a warrior who cannot be wounded with metals, جادوگر، ڏائڻ، ديو، جن ڀوت، راڪاس، جوڌو پهلوان (جنهن کي عام هٿيارن سان ڌڪ نه ٿي سگهجي).

warlord (وار لارڊ) **n.** a commander or commander-in-chief esp where and when the military power is great, ڪمان دار، سينا پتي، فوجي سربراهه، جنگي جوڌو، سپه سالار.

warm (وارم) **adj, vt, vi, n & adv.** having moderate heat; hot; flushed; zealous; excitable; brisk; imparting heat or a sensation of heat; retaining heat; affecting one (pleasantly or unpleasantly) as heat does; harassing characterized by danger or difficulty; passionate; vehement; angry; excited; ardent, enthusiastic; lively, glowing; kindhearted; affectionate; amorous; indelicate; comfortable, rich; well-to-do; (of a colour) containing red or sometimes yellow esp in a game, close to discovery or attainment; to interest; to excite; to impart brightness or suggestion of life to; to beat; to become warm or ardent; to beginning to enjoy, approve of, feel enthusiastic about or fond of; a beating; an officer's thick overcoat; a warm area or environment; an act or instance of warming up; warmly; پوري پني يا واجبي گرمائش، گرم، گرمي يا تَوَ ڏيڻ، گرمي جهلڻ وارو، ڪنهن تي وڻندڙ يا الوڻندڙ اثر ڪرڻ، ستائيندڙ، آزاريندڙ، جوش ڀريل يا تکو، ڏاڍو يا سخت ڪاوڙيل، جوش ۾ آيل، جوشيلو، جوش وارو، ڦڙت، تپت ۽ جوش وارو، مهربان، دل وارو، پيارو، عياش، غير لذيذ، آرام ده، آسودو، رنگ ۾ ڳاڙهو ۽ ڪڏهن هيڊو يا پيلو، وٺڻ يا چاهه وٺڻ، جوش ۾ اچڻ يا آڻڻ، حياتيءَ جي سمجهه يا صلاح ڏيڻ، ڌڪ هڻڻ، گرم يا جوشيلو ٿيڻ، مزو وٺڻ شروع ڪرڻ، منظوري يا پسندي ڏيڻ، اتساهه يا شوق محسوس ڪرڻ يا شوق ٿيڻ، مار، عملدار جو ٿلهو وڏو ڪوٽ، گرم جڳهه، گرم نموني، گرم ٿيڻ جو مثال، تتوهتو، تتل، گرمائو، ڪوسو، تپش، پرمحبت، محباتو، اتساهي، سرگرم، تيز، تتل، خماريل، مگهه، تيز مزاج، تپائڻ، سيڪڻ، گرمائڻ، ڪوسائڻ، تپڻ، تائڻ، وڙهڻ، سيڪ، جوش.

war machine (وار مشين) **n.** a machine used in warfare; the combined technical and administrative military resources mobilized by a country, alliance, in order to engage in war, ڪَل جيڪا جنگ ۾ استعمال ڪجي، فوجي انتظام جا سامان ۽ اسباب دوستيءَ جا عهدناما ڪري ناتا جوڙڻ (ته جيئن جنگ واري حالت ۾ ڪم اچي سگهن)، فوجي اتحاد ناهڻ، جنگي اتحاد.

warm blood (وارم بلڊ) **n, adj.** a race of horse developed from pedigree bloodlines from native European mares for competition jumping and dressage; a horse of this type, اصيل گهوڙي جي جنس (جيڪو تپن ڪاڻ ۽ مقابلي واسطي کيڙي تيار ڪيل هجي)، اصيل گهوڙو، جوشيلو گهوڙو.

warm-blooded (وارم بلڊيڊ) **adj.** homothermous or idiothermous, ie having bodily temperature constantly maintained at a point usu above the environmental temperature; ardent, passionate, جاندار

(شخص) جنهن جي بدن جي گرمي جو درجو هر دم عام موجود نقطي کان مٿي رهي، ماحول کان وڌيڪ گرمي پد رکندڙ جاندار، جوشيلو، جوش ڀريل، تکو، تيز، سڀ پکي ۽ کير پياريندڙ جانور، گرم رت وارا جانور.

war memorial (وار ميموريل) **n.** a monument erected to the memory of those who died in a war, جنگ جي يادگار بڻائڻ، شهيدن جي يادگيري ۽ لاءِ نشان (جيڪي جنگ ۾ مري ويا هجن)، جنگي شهيدن جي نشان گاهه.

warm-hearted (وارم هارٽيڊ) **adj.** having warmth of heart; cordial; affectionate; hearty; sympathetic; generous, پيار ڀريو، دل وارو، وڏ گردو، همدرد، وڏي دل وارو، سخي، فراخدل، فياض، سچو، دردوند، الفتي، محبتي، مهربان.

warming (وارمنگ) **n.** the action of making or becoming warm; a beating, گرم ڪرڻ، گرم ٿيڻ، تپڻ، مار، ڪوسائجڻ، گرمائڻ، سيڪ، جوش.

warmly (وارملي) **adv.** to receive or welcome heartily, passionately, eagerly; earnestly; hotly. حب سان، شوق سان، گرم جوشيءَ سان آڌر ڀاءُ ڪرڻ.

war monger (وار مانگر) **n.** a mercenary soldier; someone who encourages war, esp for personal gain, پگهاردار سپاهي، اهو ماڻهو جيڪو جنگ چيڙڻ لاءِ (خصوصاً شخصي فائدي لاءِ) ماڻهن کي مچائي يا همٿائي، پاڙيتو فوجي.

warmth (وارمٿ) **n.** warm affection; sympathy; heat; friendliness, feelings; ardour; animation; cordiality; enthusiasm, ڪوسائي، ڪوساڻ، گرمائش، تپت، تاءُ، تئو، تابش، گرمي، حرارت، جوش، اتساهه، سرگرمي، سيڪ، تاؤڙي.

warm-up (وارم اپ) **n.** a practice exercise before an event; a preliminary entertainment, intended to increase the excitement or enthusiasm of the audience; to make or become warm; to heat; to become lively or animated; to grow interest or eager; to limber up prior to an athletic event, contest, مشق ڪرڻ، آزمائش جو عمل، شروعاتي وندر، گرم ڪرڻ يا ٿيڻ، ڪوسو يا گرم ڪرڻ، گرمائڻ، جوشيلو يا تيز ٿيڻ، شوق يا خواهش ڪرڻ، ڪنهن جانبازيءَ واري کيل شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ ٿي مڙي وڃڻ، ميدان ڇڏڻ.

warn[1] (وارن) **vt, vi.** to give a notice of danger or evil to; to notify in advance; to caution against; to admonish; to advise; to instruct, command; to summon; to bid or instruct to go or keep away; to ban from all race meetings or from a particular course; to forbid; to give notice of warning; to make a whirring sound before striking, to give warning, چتائڻ، اڳ ڄاڻ ڪرڻ، چتاءُ ڪرڻ، تاڪيد ڪرڻ، هوشيار ڪرڻ، خطري يا مصيبت بابت اطلاع ڏيڻ، آگاهه ڪرڻ، اڳواٽ ڄاڻ ڏيڻ، خبردار ڪرڻ، فهمائش ڪرڻ، هدايت ڪرڻ، حڪم ڏيڻ، گهرائڻ يا سڏائڻ، هليو وڃڻ يا پري ٿي وڃڻ، ڊوڙ ۽ مقابلي وارين گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيڻ تي بندش وجهڻ، ڪنهن خاص رستي کان روڪڻ، منع ڪرڻ، ڌڪ هڻڻ کان اڳ آواز ڪرڻ، اطلاعي اشارو ڏيڻ.

warn[2] (وارن) **vt.** to warrant, اختياري ڏيڻ، حڪم ڏيڻ.

warning (وارننگ) **n, adj.** act of one who warns; a caution against danger; something that gives this; an admonition; previous notice; notice to quit, of the termination of an engagement; a summons, call; the sound accompanying the partial unlocking of the striking train in a clock, just before it strikes, خطري جو چتاءُ، فهمائش، اڳواٽ اطلاع، ملازمت ڇڏي وڃڻ بابت اطلاع، اڳ خبر، چتاءُ، آگاهي، تاڪيد، عبرت وٺڻ، هوشيار رهڻ، چيتڻ، طلبي يا سڏ، اهڙو آواز جيڪو گهڙيال جي ٺڪائڻ کان اڳ ۾ پرزن جي هلڻ ڪري نڪري ٿو.

war of attrition (وار آف اٽريشن) **n.** a conflict in which both sides are worn down over a long period, with no decisive battles, بي نتيجي ويڙهه يا جهيڙو، ويڙهه جنهن جو فيصلو يا نتيجو نه نڪري.

war of nerves (وار آف نروز) **n.** systematic attempts to undermine morale by means of threats, rumours and counter-rumours, باقاعدي ڪوشش ڪري ڪنهن جي همت کي هارائڻ، پريشان ڪرڻ، هيسائڻ، تنگ ڪرڻ، جوکي ۾ وجهڻ.

warp (وارپ) **vt, vi & n.** to turn and twist out of shape; to turn from the right course; to distort; to contort; to pervert; to cause to contract or wrinkle; to pervert; to misinterpret or give a deliberately false meaning to; to arrange (threads) so as to form a warp; to entwine; to move (a vessel) by hauling on ropes attached to posts on a wharf; to improve (land) by flooding so that it is covered by a deposit of alluvial mud; to choke (eg a channel) with alluvial mud; in rope-making, to stretch into lengths for tarring; to cast, throw; to be twisted out of shape; the state or fact of being warped; the permanent distortion of a timber; a mental twist or bias; alluvial sediment, (صورت) مروڙي بگاڙي ڇڏڻ، سنئين رستي کان ڦيرائي ڇڏڻ، بگاڙڻ، سٽائڻ يا ڪهنجي وڃڻ، ڦيرائڻ يا منجهائڻ، ڌاڳن کي سهيڙڻ، الي يا والي ٺاهڻ، ٻيڙي کي ڌڪي تان هٽائڻ، رسيون ٻڌي ڇڪڻ، زمين کي ريج ڏيئي سڌارڻ، ڪسيءَ کي لٽ سان بند ڪرڻ، رسين ٺاهڻ لاءِ ڊگهو ڪري پکيڙڻ، ڪاٺ جو ملو سلو ٿيڻ، رس، تاڃي، تاڻو، ڪاٺيءَ ۾ وٽ وجهڻ، ڏنگو ڪرڻ، رس ڇڪڻ، وٽ ڪائڻ.

war paint (وار پينٽ) **n.** paint applied to the face and body by primitive peoples, indicating that they are going to war; full dress, or finery, esp a woman's make-up, جنگ لاءِ تياري، پوري پوشاڪ پهري جنگ تي وڃڻ.

هڪ زال جو خاص ڏيک ويک، تياري، سينگار.

warped (وارپڊ) **adj.** twisted by shrinking; distorted; perverted; covered or filled with a deposit of alluvial sediment, سوس ڪري چبو ڪيل، ڏنگو ڦڏو ڪيل، بگاڙيل. لٽ سان ڍڪيل يا پريل، ويڙهيل، ليوڙيل.

war plane (وار پلين) **n.** any aircraft designed or intended for use in warfare, هوائي جهاز جيڪو جنگ ۾ حملي ڪرڻ لاءِ ناهيل هجي، جنگي جهاز، فوجي جهاز.

warrandice (وارنڊائس) **n.** a guarantee; a clause in a deed by which the grantor binds himself or herself to make good to the grantee the right conveyed, ضمانت، دستاويز ۾ فقرو جنهن موجب وڪرو ڪندڙ پاڻ کي پابند ڪري ته وٺڻ واري کي نقصان واري حالت ۾ ڏنل حق جو حساب پرو ڏيندو.

warrant (وارنٽ) **vt, n.** to authorize; to justify, be adequate grounds for; to guarantee, to be as specified or alleged; to attest or guarantee the truth of, equivalent to 'be sure', 'be convinced' and 'be bound'; to predict or to presage; to secure or guarantee the possession of, to protect, defend; to give assurance against danger; someone or something that vouches, a guaranty; a pledge, assurance; a proof; that which authorizes; an act or instrument investing with authority; a writ for arresting a person or for searching property; authorization; justification; a form of warehouse receipt for goods; a voucher; a document issued to a stockholder permitting the purchase of further stock at a stated price; a defender; a defence, اختيار نامو، آگيا پتر، سند، پروانو، دستاويز، اختيار ڏيڻ، صحيح يا سچو ثابت ڪرڻ، ضمانت ڏيڻ، سار جهلڻ، تصديق ڪرڻ، سچائيءَ لاءِ ذمو کڻڻ، اڳڪٿي ڪرڻ، اگ جاڻ ڪرائڻ، پابند رهڻ، قبضي جي ضمانت ڏيڻ، بچاءُ ڪرڻ، پاسو وٺڻ يا پناهه ڏيڻ، خطري کان بچائڻ لاءِ تسلي يا پڪ ڏيڻ، ساک پرڻ، پڪ يا ضمانت، ڪنهن شخص کي گرفتار ڪرڻ يا ملڪيت جي ڳولا يا تپاس ڪرڻ لاءِ مليل حق، بچاءُ ڪندڙ، بچاءُ ڪرڻ، گدام ۾ رکيل سامان جي رسيد، چٺو، تسلي، پڪ.

warrantable (وارنٽ آبل) **adj.** that may be permitted; justifiable; authorized; justifiable; defensible; lawful; of good warrant, estimable; of sufficient age to be hunted, اجازت ڏيڻ، واجبي يا جائز ڪرڻ، سٺي سند يا پڪ وارو، ساکائتو، معتبر، اعتبار لائق، عزت لائق، شڪار ڪرڻ جي عمر وارو جانور، اندازو ڪرڻ جهڙو، اندازي لائق.

warrantee (وارنٽي) **n.** the person to whom a warranty is given, اهو شخص جنهن کي ضمانت ڏني وڃي.

warranter (وارنٽر) **n.** one who authorizes or guarantees; a warrantor, اختياري يا ضمانت ڏيندڙ، ضمانت ڏيندڙ، ضمانتي سند ڏيندڙ، ساک ڀريندڙ، ضامن.

warrantise (وارنٽائز) **n.** an act of guaranteeing; a guarantee; assurance; authorization, ضمانت يا پڪ ڏيڻ، ضمانت، پڪ، اختياري، سند، ساک.

warrantor (وارنٽر) **n.** someone who gives warranty; a warranter, ذميواري ڪنهن شيءِ ڏيندڙ، سونپڻ وارو، ساک ڀريندڙ، ضمانت ڏيندڙ، ضامن.

warrant sale (وارنٽ سيل) **n.** a public auction of poinded or seized household goods and personal property, authorized by a sheriff for the recuperation of unpaid debt and usu held at the house of the debtor, ضبط ڪيل گهريلو ۽ شخصي سامان جو کليل نيلام رستي ليکال.

warranty (وارنٽي) **n.** an act of warranting, esp in feudal times the covenant by which the grantor of land warranted the security of the title to the recipient; guarantee; authority. ذميواري کڻي پڪ ڏيڻ، ساک ڏيڻ، سند، ساک پت، اختياريءَ يا اجازت ڏيڻ جي اهليت، ملڪيت جي اصلي هئڻ جي ساک، ضمانت.

warray (واري) **vt, vi.** to make war on; to make war, ڪنهن تي جنگ مڙهڻ، جنگ ڪرڻ، وڙهڻ، هلان ڪرڻ.

warren (وارن) **n.** a series of interconnected rabbit burrows; the rabbits living there; a densely populated slum dwelling or district; a maze of narrow passages; a piece of ground kept for breeding game, esp hares, rabbits, partridges; the right of keeping or of hunting such game; a preserve in a river for fish. هڪ ٻئي سان ڳنڍيل (سهن يا سيهڙن جي ڏر يا ٻر، جتي سها يا سيهڙ رهندا هجن)، ڳتيل آدمشماريءَ واري شهر جو غليظ پاڙو، (بنا اجازت ٻيي لنگهي ايندڙن کي روڪڻ لاءِ) ور وڪڙ ۽ سوڙهن رستن جو وچايل جار، شڪار ڪيڏڻ لاءِ مخصوص ڪيل جاءِ يا ميدان (خاص ڪري سهن سيهڙن ۽ تترن لاءِ)، شڪار ڪرڻ يا رکڻ جو حق، مڇيءَ جي حفاظت لاءِ درياهه يا واهه ۾ چڙيل لڪر.

warrener (وارنر) **n.** the keeper or owner of a warren; an inhabitant of a warren, شڪار گاهه رکڻ وارو يا مالڪ، راکو، شڪار گاهه جو رهاڪو، شڪار گاهه جو سنڀاليندڙ.

warrigal (واريگل) **n, adj.** the Australian wild dog, the dingo; a wild Australian horse; wild, savage, آسٽريليائي جهنگلي شڪاري ڪتو، آسٽريليا جو اڌ جهنگلي ۽ اڌ گهريلو مالهو، جهنگلي جانور، وحشي، جهنگلي گهوڙو، اڻ ڪيڙيل.

warrior (وڙيئر) **n.** a soldier; a skilled fighting man; a veteran or distinguished fighter; a redoubtable person, ويڙهاڪ شخص، پڪو، جهونو، آزمودگار، مشهور جنگي جوڌو، زبردست، بهادر شخص، ڪويو، ڳوڌو، جوڌو، سورهيه.

warship (وار شپ) **n.** an armed vessel for use in war; a man-of-war. هٿياربند ٻيڙي يا پاڻي جو جهاز، پاڻيءَ جو جنگي جهاز، بحري جنگي جهاز.

warsong (وار سانگ) **n.** a song sung by men about to fight; a song celebrating brave deeds in war, راڳ جيڪو انهن ماڻهن ڳايو هجي جيڪي ويڙهه لاءِ تيار ٿيا بيٺا هجن. جنگ ۾ بهادري جي ڪارنامن کي ظاهر ڪندڙ راڳ. جنگي گيت. جنگي سوين جو گيت. جنگي ڪارنامن جو گيت. بهادريءَ جو گيت.

wart (وارٽ) **n.** a small hard dry excrescence on the skin caused by a virus; a small protuberance on a plant surface or on an animal's skin; an abusive term for a disliked person, سخت ڳوڙهو يا مسو. آس. ننڍڙي ٻاهر وڌي آيل ڳوڙهي. وڻن جي ٿڙن تي ٿيندڙ ڳوڙهيون. جانورن جي بدن تي جيتن جي چڪن ڪري ٿيل ڳوڙهيون. ڪنو ۽ اڻ وڻندڙ انسان.

wart-biter (وارٽ بٽر) **n.** a large grass-hopper native to southern England, formerly prized by country people for its ability to bite off warts, ڏکڻ انگلستان جو وڏو گاهه جو تڏو. مڪڙ.

wart hog (وارٽ هاگ) **n.** any of a genus of wild hogs found in Africa with large wartlike excrescences on their cheeks, آفريڪي سوئر. مرون. ڀريل مٿن وارن سوئرن جي آفريڪي جنس.

war time (وار ٽائيم) **n, adj.** a period during which a war is being fought; of, pertaining to or characteristic of a time of war, عرصو جنهن دوران جنگ پئي وڙهي وڃي. جنگ واري عرصي جو نظارو پيش ڪرڻ. جنگ دوران وارو عرصو. جنگي دور. لڙائيءَ وارو وقت.

war trial (وار ٽرايل) **n.** the trial of a person accused of war crimes, جنگي ڏوهن تحت هلايل مقدمو.

wart weed (وارٽ ويڊ) **n.** a kind of spurge (its caustic juice thought to cure warts), ٻوٽو جنهن مان کير جهڙي کٽي ذائقي واري رس نڪري (جيڪا ڳوڙهين کي ختم ڪرڻ لاءِ دوا طور ڪم اچي).

wart wort (وارٽ ورٽ) **n.** any of a family of lichens having a warty thallus; a wartweed, ڪائي. سينٿور. ڀريو ٻوٽو.

war wolf (وار وولف) **n.** a medieval siege engine; a fierce warrier, وچولي زماني واري گهيرو ڪرڻ لاءِ ڪم ايندڙ ڪَلَ. هڪ ڪرڙو يا سُورمو يا پهلوان شخص. جنگجو. جنگي جوڌو.

war worn (وار وورن) **adj.** wearied, worn, waste, ravaged or marked by war, جنگ ۾ حصو وٺڻ ڪري بيزار ٿيل. ٿڪل ٽٽل. ضايع ٿيل. جنگ جا ڏک لڳل يا ان ڪري تباهه ٿيل.

wary (واري) **adj.** on one's guard against deception or danger; prudent; cautious; circumspect; thrifty, نگهباني. پهريداري. ٺڳي يا خطري کان بچاءَ خاطر تيار. خبردار. هوشيار. ڪفايتي. صرفو ڪندڙ. سجاڳ. باخبر.

was (واز) used as the 1st and 3rd person singular of the part of the verb 'to be', هئو يا هيو. 'هئڻ' مصدرمان نڪتل لفظ. ضمير متڪلم ۽ غائب واحد سان ماضيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ فعل.

wase (ويز) **n.** a wisp of hay, straw, a pad on the head to ease the pressure of a burden, گاهه يا ڪاٺين جو ڳڙو يا بند. مٿي تي کڻي هلڻ واريءَ ٻريءَ کي هيٺان ڏنل سينهو (جيئن ڪنڌ تي زور گهٽ پوي).

wash (واش) **vt, vi.** to cleanse, or to free from impurities, with water or other liquid; to flow along or dash against; to tint lightly; to wet, moisten; to clean by licking; to flow over, past or against; to form or erode by flowing over; to cover with a thin coat of metal or paint; to separate (ore) from earth by means of water; to launder (money or goods); to clean oneself, clothes, with water; to wash clothes; to stand cleaning; to stand the test, bear investigation, صاف ڪرڻ. ڌوئڻ. ملڻ. پڄاڻ. آلو ڪرڻ. گندگين کان پاڪ ڪرڻ. پاڻي يا ڪنهن پاڻيٺ سان آلو ڪرڻ. ڪهائڻ. چٽي صاف ڪرڻ. (مٿان، اڳيان يا سامهون) وهڻ يا وهائڻ. ٻهارڻ. ٺاهڻ. ڊاهي وهائي ڇڏڻ. مٿان وهائڻ. ڌاتوءَ يا رنگ جي سنهي تهه سان ڍڪڻ. پاڻي چاڙهڻ. ملمع ڪرڻ. پاڻيءَ وسيلي مٽيءَ کان ڌاتوءَ کي جدا ڪرڻ. غير قانوني ملڪيت کي قانوني بنائڻ. پاڻي سان پاڻ ۽ ڪپڙن کي ڌوئڻ. ڪپڙا ڌوئڻ. ٻيهي صاف ڪرڻ. آزمائش ۾ پورڻ. پيچا ڳاڇا يا جاچ کي منهن ڏيڻ. لهر جو ڪنارن سان لڳڻ. پوچي ڏيڻ. قلعي ڪرڻ. سولو پاڻي چاڙهڻ. وهنجڻ. ترُ. سنان ڪرڻ. سوڌڻ. هٿ منهن ڌوئڻ. ڌوپ جهلڻ.

washable (واش ابل) **adj.** that may be washed without damage, جنهن کي (بنا نقصان جي) ڌوئي سگهجي. ڌوئڻ لائق. ڌوپائتو.

washen (واشن) **n.** a washing; the process of washing; a collection of articles for washing; that with which anything is washed; a lotion; the break of waves on the shore; the sound of water breaking, lapping; the rough water left behind by a boat; waste liquor, refuse of food, a watery mixture; a thin, tasteless drink; a thin coat of paint, metal; the blade of an oar, ڌوئڻ. ڌوءِ ڌوپ جون شيون. ڦٽ ڌوئڻ جي دوا. سمنڊ جي ڪناري تي اچي لهرن جو ٽٽي بيهڻ. ڇولين جي روڪجڻ ڪري ٿيندڙ آواز. ٻيڙيءَ جي لنگهي وڃڻ سان پوئتي ڇڏيل اٿليل پاڻي. بچيل عرق يا شراب. ڪاڌي جي اوبرسوبر. پاڻياٺي ٺهيل دوا. پتڙي ۽ بي سوادي پاڻيٺ. رنگ يا ڌاتوءَ جو ڏنل هلڪو تهه. پاڻي چاڙهيل. ملمع ڪيل. پوچي ڪيل. ٻيڙيءَ جي چپوءَ جو ڦر.

washer (واشر) **n, vt.** one who or that which washes; a washing-machine; a face-cloth; a ring of metal, rubber or leather to keep joints or nuts secure, hence derisively small change; to fit with a washer or washers, ڌوئيندڙ (ڌوٻي يا ڪٽي). ڌوئڻ جي مشين. منهن اگهڻ جو ڪپڙو. ڇلو. سڌي پٽي وارو ڇلو. ٺڪر پيسو. ربڙ جي واشر يا

واشرن سان قابو ڪيل.

washerman or **washerwoman** (واشر مئن يا وومن) **n.** a man (or woman) who washes clothes, esp for a living, مرد يا عورت جيڪا ڪپڙا ڌوئي، ڌوبي، ڌوٻياڻي، ڪتي، ڪتياڻي.

washeteria or **washateria** (واشٽيريا) **n.** a launderette, مشين جنهن ۾ سِڪا وجهي ڪپڙا ڌوئي سگهجن، ڪپڙن ڌوئڻ جي جڳهه، جهڪو ٿيل رنگ.

wash-gilding (واش گلڊنگ) **n.** a gilding made with an amalgam of gold from which the mercury is driven off by heat, leaving a coating of gold, ملمعي جو ڪم، ملمعو ڪرڻ، سون جو پاڻي چاڙهڻ، سوڏڻ.

washing (واشنگ) **n & adj.** act of cleansing, wetting or coating, with water; ablution; clothes or other articles washed or to be washed; a thin coating; the action of breaking, lapping; liquid that has been used to wash something, or matter separated or carried away by water or other liquid; that washes; used for washing; washable, پاڻيٺ سان ڌوئڻ، پسائڻ، پاڻي چاڙهڻ، ڪپڙا يا ٻيون شيون جيڪي ڌوتا آهن، پوچي ڪرڻ، پاڻيٺ جيڪو ڌوئڻ ۾ ڪم آلدو وڃي، ڌوئڻ لاءِ ڪم ايندڙ، ڌوئڻ لائق، ڌوچاڪتو، ڌوپائو.

washland (واش لينڊ) **n.** an area of land periodically flooded by overflow water from a river, stream or from the sea, لٽ واري زمين، ٻوڏ واري زمين، ڪچي واري زمين، ساموڊي ڪناري جي هيٺاهين زمين.

washout (واش آئوٽ) **n.** an erosion of earth by the action of water; the hole or channel so made; an event spoilt or cancelled because of rain; a shot which misses the target, so a complete failure; a useless person, پاڻي سبب زمين جي ڪاٽ، پاڻيءَ جي وهڪري واري نالي يا ڪسي، مينهن سبب (رٿيل راند، محفل) خراب يا رد ٿيڻ، مڪمل ناڪامياڀي، بيڪار شخص، لڪمو، ڪنهن ڪم جوڳو.

washy (واشي) **adj.** watery; highly diluted; weak, liquid, چتڙو، ڇڊو، پاڻيٺ، ڪنگهو، ٿٺو، پاڻيءَ جهڙو، ڪمزور، ڪچو، لنگ، پنڙو، جهارو، ريهڙو يا ريڙو.

wasm (ويزم) **n.** an outmoded policy, belief, theory, doctrine or enthusiasm, anism of the past, (was and ism), ناڪاري يا پراڻي ٿيل ليتي، عقيدو، اصول، متو يا شوق، گذريل زماني جو غير معروف متو.

wasp (واسپ) **n.** any of large number of insects belonging to many families, to which the common wasp and the European hornet belong, having black-and-yellow-striped bodies and in the case of female's a stinging organ; a petulant and spiteful person, ڏينڀو، جيت جن ۾ عام ڏينڀو ۽ يورپ واريون ڪکريون، کهريتڙيون ۽ ڏنگ هاريون اچيو وڃن، چيلالو (جيت)، تند مزاج، گستاخ، پوراتو، ڪنڊو ۽ خارباز شخص.

waspish (واسپش) **adj.** like a wasp; having a slender waist, like a wasp; venomous; irritable; snappish; quick to resent an injury; spiteful, virulent, ڏينڀوءَ جهڙي صورت وارو، ڏينڀوءَ جهڙي سنهڙي چيلهه وارو، ڏنگ لڳڻ تي چڙي ويندڙ، خارباز، ڪيني ۽ بدليتيءَ وارو، چڙٿو، تکو، تنڪ مزاج.

wasp's nest (واسپس نيسٽ) **n.** the nest of a wasp or of a community of wasps; a place full of enemies or angry people; circumstances in which one is assailed indignantly from all sides, ڏينڀن يا ڪکر جو مانارو، جاءِ جيڪا دشمن يا ناراض ماڻهن سان ڀريل هجي، اهڙيون حالتون جن ۾ ڪنهن تي سمورن پاسن کان ڪاوڙيل ماڻهو حملو ڪن، دشمن سان وڪوڙيل، گهيريل.

wasp waist (واسپ ويسٽ) **n.** a very slender waist reminiscent of a wasp's, esp contrasting with more substantial proportions above and below it; slender waisted; laced tightly, سنهي چيلهه (جنهن کي ڏينڀوءَ جي چيلهه سان ڀيٽي سگهجي) چاتيءَ ۽ پولهه جي مقابلي ۾ سنهي چيلهه جي بيهڪ، ڇڪي ٻڌل چيلهه.

wassail (وسيئل، وئسل) **n, vi & vt.** the salutation uttered in drinking a person's health; a liquor in which such healths were drunk, esp ale with roasted apples, sugar, nutmeg and toast; a festive occasion; revelry; a drinking bout; a drinking or festive song; to hold a wassail, to carouse; to sing good wishes, carols, from house to house at Christmas; to drink to or pour libation for (fruit trees) to ensure that they thrive, ڪنهن کي شراب پيئڻ مهل سندس تندرستيءَ لاءِ دعائون ڏيڻ، شراب يا بيئر جنهن جي پيئڻ مهل محفل ۾ شامل ٿيلن لاءِ تندرستيءَ واسطي اچاريل لفظ، خوشيءَ جو موقعو، جشن، شراب پيئڻ مهل خوشيءَ جو راڳ ڳائڻ، (خوشيءَ جو موقعو جنهن تي) خوب شراب پي گوڙ ڪرڻ، دعائن جا راڳ ڳائڻ جنهن ۾ ناتال (ڪرسمس) جا گيت گهر گهر وڃي ڳائڻ، شراب پيئڻ ۽ ميوي دار وڻن تي هارڻ ته جيئن اهي وڌن، شراب جي محفل مچائڻ.

wassailer (وسيلر) **n.** someone who wassails; a reveller, شراب پيئڻ جي مجلس منعقد ڪندڙ، عيش عشرت ڪندڙ، شرابي، شراب خور، مئه فروش، مئه خوار، متارا، ڪلال، مئڪش، پياڪ.

wasserman (واسرمين) **n.** a sea monster shaped like a man (Ger), سامونڊي راڪاس (جنهن جي شڪل يا جوڙ جڪ ماڻهوءَ جهڙي آهي)، انساني شڪل سامونڊي اجگر.

wasserman reaction or **test** (واسر مين ري ايڪشن آر ٽيسٽ) **n.** a test for syphilis made on the blood serum or cerebrospinal fluid, بادفرنگ جي بيماريءَ جي چڪاس ڪرڻ.

wastage (ويسٽيج) **n.** loss by use, leakage; wasteful

loss of something valuable. كوٽ، كوٽيو، هاروڙ، زيان، هٿي، نقصان، استعمال ڪري ڪنهن قيمتي شيء يا مادي جو نقصان، زيور وغيره نهرائڻ ۽ ضايع ٿيل سون يا چاندي.

waste (ويسٽ) **adj, vt, vi & n.** rejected, superfluous; uncultivated, and at most sparsely inhabited; to make desolate; to ravage; to wear away gradually; to squander; lying un-used; unproductive; devastated, ruinous; in a devastated condition; empty, unoccupied; useless; vain; to spend, use or occupy unprofitably; to treat as waste material; to consume; to cause to decline, shrink physically, to enfeeble; to put an end to, kill; to impoverish; to expend, spend, consume or pass; to be diminished, used up or impaired by degrees; to lose strength or flesh or weight; to be spent, اجاڙ، اجڙ، آرڙ، لڪمو، خارج، ردي، سڃ، خرابي، اجاڙ، ڦٽل، ڪنگرار، ويرانو، پينگ، فالتو، غير آباد، ٿوري آدمشماريءَ وارو، ويران، سڃو، بيابان، پيداڪش لہ ڏيندڙ، برباد، ناس ڪيل، ويران ڪيل، برباد ٿيل حالت ۾، خالي چڙي ڏنل، بيڪار، خرچ ڪرڻ، بنا پيداڪش يا نفعي جي استعمال ڪرڻ يا وسائڻ، بيڪار سمجهڻ، پائي چاڙڻ، آهستي آهستي جهري وڃڻ يا ڀڃي پوڻ، ڪمزور ڪرڻ، ختم ڪرڻ، مارڻ، سڃو ڪرڻ، خرچي پورو ڪرڻ، ڪپائڻ يا چڙي ڏيڻ، نقصان پچائڻ، طاقت، وزن يا تور وڃائي ويهڻ، سڃو ٿي وڃڻ، ضايع ڪرڻ، چٽ ڪرڻ، ڏڪ ڪرڻ، گنوائڻ، لٽڻ، اجايو وڃائڻ، سسڻ، گهٽڻ، ڳرڻ، ڪٽڻ، غير استعمالي.

wasted (ويسٽيڊ) **adj.** unexploited or squandered; exhausted, worn out; shrunken, emaciated; extremely drunk or high on drugs, استعمال نہ ڪيل، ضايع ڪيل، اڊلگي نمولي خرچ ڪيل، ڪپي ويل يا ڪپائي چڙيل، ڳري ويل، سُسي ويل، ڏبرو يا هيٺو ٿي ويل، تمام گهڻو پيتل، نشي دار شين تي ڳهلو هريل.

wasteful (ويسٽ فل) **adj.** causing waste; ruinous; prodigal; extravagant, overlavish; causing devastation, consuming, destructive; causing wasting of the body; lavish; uninhabited, unfrequented, desolate; vain, profitless, زيان ڪندڙ، هٿ ڦاڙ، نهايت فضول خرچ، تباهي ڪندڙ، ڪپائي چڙيندڙ، ناس ڪندڙ، بدن لاءِ نقصانڪار، اڊلگو خرچ ڪندڙ، اڻ وسايل، ويران، بي فائدي يا اجايو، غير نفعي بخش، بلفضول، اڏاٽو، وڃائو، زيانڪار.

wastegate (ويسٽ گيٽ) **n.** a gate for discharging surplus water from a dam, ذخيرو ڪيل پاڻيءَ جي تلاءَ مان ضرورت کان وڌيڪ جمع ٿيل پاڻي ڪڍڻ لاءِ دروازو.

wastel or **wastel bread** (ويسٽل يا ويسٽل بريڊ) **n.** bread made from the finest flour, (بهترين) روٽي يا ماني جيڪا اٽي مان ٺاهي تيار ڪئي وڃي)، سٺي ماني، بهترين ماني.

wasteland (ويسٽ لئنڊ) **n.** a desolate, barren area; a culturally or intellectually empty place or time, ويران، غيرآباد علائقو، تهذيب، آبادي، ذهن ۽ عقل کان خالي جڳهہ يا وقت.

wastepaper (ويسٽ پيپر) **n.** used paper no longer required for its original purpose; paper rejected as spoiled, ڪم آندل ڪاغذ (جيڪو پيهر ڪم آڻڻ لاءِ ڪارآمد نہ هجي)، ڪاغذ جيڪو خراب ٿيڻ سبب رد ڪيو وڃي، ردي ڪاغذ، استعمال ڪيل ڪاغذ.

waste product (ويسٽ پراڊڪٽ) **n.** material produced in process and discarded on the completion of that process, اهو سامان جيڪو ڪنهن شيءِ جي ٺاهڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ۽ اُن جي مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ خارج يا رد ڪيو وڃي.

waster (ويسٽر) **n.** a wooden sword for practising fencing with; a cudgel; practice or play with a waster; a four-pronged or five-pronged salmon-spear, ڪاٺيءَ مان ٺهيل ترار (ترار بازيءَ جي سکيا يا تربيت واسطي)، ڏڪو يا لٺ، ڪاٺيءَ جي تلوار سان سکيا يا تربيت وٺڻ، راند ڪرڻ، چئن يا پنجن شاخن وارو ليزو، پالو يا برڇي.

wastrel (ويسٽرل) **n.** refuse; a neglected child, ٺڏڪو، ڪٽي وارو مال، ردي ۽ ڪريل مال، ڇنو ڇورو.

wat (وٽ) **n.** a hare; wet; drunken; a Thai Buddhist temple or monastery, سهو يا سيهڙ، آلو، پيتل (شراب)، ٿائيلينڊ جو ٻڌ ڌرم جو مندر يا مڙهي.

watap (وٽاپ) **n.** fibre from conifer roots used by N American Indians for weaving or as sewing-thread, صنوبر وڻ، جي پاڙن مان ڪڍيل تاندورو (جنهن مان اتر آمريڪا جا اصلوڪا رهاڪو اڻڻ ۽ سبڻ لاءِ ڌاڳا ٺاهيندا هئا).

watch (واچ) **vt, vi & n.** to keep in view, to follow the motion of with the eyes; to keep awake; to observe the progress of, maintain an interest in, follow; to look at or observe attentively; (of a barrister) to attend the trial of a case on behalf of a client not directly involved in it; to have in one's care, look after; to guard; to tend; to beware of danger; to be on the alert to guard or guard against; to catch in an act; to keep (a hawk) from sleep, in order to tame it; to be on the alert; to look out; to look with attention; to keep guard; to remain awake; to keep vigil; to attend to the sick by night; a small timepiece for wearing on a strap round the wrist; or carrying in a pocket; the state of being or act of staying awake; a religious vigil; a vigil beside a corpse, awake; a watchman or body of watchmen; a sentinel, or the military guard of a place, نگهباني، چولڪي، پهرو، اوجاڳو، واهپ، نهار، سجاڳي، ڌيان ۾ رکڻ، اکين سان تڪيندو رهڻ، پنيان لڳو رهڻ، ڌيان سان ڏسندو ۽ جاچيندو رهڻ، بيرسٽر جو (پنهنجي اصيل طرفان جيڪو سڌو سنئون ڪيس ۾ اڙيل ڪونہ آهي) مقدمي ۾ حاضر رهڻ،

پنهنجي سنڀال هيٺ رکڻ، سنڀال لهڻ، حفاظت ڪرڻ، پالنا ڪرڻ، خطري کان خبردار ٿيڻ، سجاڳ ٿي پهرو ڏيڻ، بچاءُ ڪرڻ، پڪڙڻ، باز ڪي سمهڻ يا ننڊ ڪرڻ کان روڪڻ، خبردار يا هوشيار رهڻ، پهرو ڏيڻ، جاڳيل رهڻ، (رات جو) جاڳي بيمار جي خدمت ۾ رهڻ، گهڙي، واچ، سجاڳ ڪرڻ وارو، سجاڳ، (ديني يا مذهبي) سجاڳي، مُردي يا ميت جي پرسان اوجاڳو ڪرڻ، تڪڻ، وات ڏسڻ، اکيون پائي ويهڻ، تاڙڻ، لوهه وجهي ويهڻ، ليئڻ، جاچڻ، اک ۾ رکڻ، نظر ۾ رکڻ، پهري دار يا پهريدارن جي ٽولي، سنتري يا فوجي پهريدار.

watch and ward (واچ اينڊ وارڊ) **n.** the old custom of watching by night and by day in towns and cities; uninterrupted vigilance, (ننڍين ۽ وڏن شهرن ۾) رات ۽ ڏينهن جو پهري ڏيڻ جو نظام، لاڳيتي ناڪي واري جاچ يا خبرداري.

watchcase (واچ ڪيس) **n.** the outer case of a watch; a sentry box, گهڙيءَ جو ٻاهريون ڍڪ، پهريدار جي ويهڻ لاءِ ٺاهيل ڪبٽ نما ڪوٺي،مورچو.

watch dog (واچ ڊاگ) **n.** a dog kept to guard premises and property; any person or organization closely monitoring governmental or commercial operations to guard against inefficiency and illegality, پهري ڏيڻ لاءِ رکيل ڪتو، شخص يا ادارو جيڪو سرڪاري يا واپاري ڏيتين تي نظر رکي (جيئن سست ڪارڪردگي يا بي قانوني نہ ٿئي).

watchet (واچيٽ) **n.** a pale blue; a material of this colour; an angling fly; pale blue, ڦڪو نيرو رنگ، ان رنگ واري ڪا شيءِ، ڪنڍيءَ سان مڇي ڦاسائڻ جي نيري رنگ واري مک.

watch fire (واچ فاير) **n.** a fire lit at night as a signal; a fire for the use of watching party, sentinels, scouts, etc, رات جو نشانيءَ طور ٻاريل باھ، پهري ڏيڻ وارن جي ٽوليءَ، سنترين ۽ اسڪائوٽن جي استعمال لاءِ ٻاريل باھ.

watchful (واچ فل) **adj.** keeping on the watch; habitually on the alert or cautious; attentive; cautious; watching or observing carefully; characterized by vigilance; requiring vigilance, or in which one must be on the alert; wakeful; spent in watching, سجاڳ يا خبردار، پهرو ڏيڻ يا ڏسندو جاچيندو رهڻ، هوشيار، خبردار، چوڪس، چوڪيداري، هوشياري.

watch-glass (واچ گلاس) **n.** a sandglass; a glass covering for the face of a watch; a small curved glass dish used in laboratories to hold small quantities of a solution, شيشو، گهڙيءَ جو مٿيون شيشو، شيشي جي ننڍڙي ٿالهي جا ڍڪ طور استعمال ٿئي.

watch house (واچ هائوس) **n.** a guard-house; a house in which guard is placed; a police station or lock-up, گهر يا جاءِ جتي چوڪيدار پهرو ڏئي، پوليس ٿاڻو، ننڍو قيد خانو، پهري واري جاءِ.

watch light (واچ لائيٽ) **n.** a light used for watching or sitting up in the night, بتي (جيڪا رات جو پهري ڏيڻ يا ويهي رهڻ مهل ڪم اچي)، نظرداريءَ لاءِ ڪيل روشني.

watch paper (واچ پيپر) **n.** a round piece of paper, often decorated, formerly put inside the outer case of a watch to prevent rubbing, ڪاغذ جو گول ٽڪرو، واچ جي ڊائل جهڙو ڪاغذ.

watch tower (واچ ٽاور) **n.** a tower on which a sentinel is placed to watch or look out for the approach of danger, منارو، مورچو، بُرجي، چوڪيداريءَ وارو پيهو.

watchword (واچ وَرڊ) **n.** the password to be given to a watch or sentry to distinguish between a friend and an enemy; any word used as a signal; a maxim, slogan or rallying-cry, چوڪيدار يا سنتريءَ کي ڏنل ڳجهو پيغامي لفظ، لفظ جيڪو اشاري طور ڪم آڻجي، مثال، نعرو، سڏ، رڙ، واڪو، چوٽي، پهاڪو.

water (واٽر) **n.** (in a state of purity, at ordinary temperatures) a clear transparent colourless fluid, perfectly neutral in its reaction and devoid of taste or smell; extended to the same substance (H_2O) in solid or gaseous state (ice or steam); any body of this, such as a sea, an ocean, lake, river, the surface of a body of water; a liquid resembling or containing water; mineral water, saliva; the amniotic fluid filling the space between the embryo and the amnion; applied to the fluids secreted by the body, tears, urine, sweat; rain; transparency, lustre, eg of a diamond; glass, quality, excellence, پاڻي، جر، آب، جل، بي رنگ پاڻياٺ، سمنڊ، ڍنڍ، ندي، درياھ، ٽڪ، يا پڪ، پيٽ واري عورت يا جانور جي ٻچي دانيءَ وارو پاڻيٺ، پيشاب، پگهر، مينهن، شفاف، چمڪيدار، وڏو ڪڻ، وڪڻ، مها ڪڻ.

waterage (واٽريج) **n.** conveyance (eg of cargo or passengers) by water; money paid for this, پاڻيءَ ذريعي مال ڍوئڻ، مال جي ڍوآئي، ڍوائي، ڍوائي، ڪرايو، ڀاڙو.

water bailiff (واٽر بيلف) **n.** a custom-house officer who searches ships, on reaching or leaving port; an official whose duty is to enforce bylaws relating to fishing, or to prevent poaching in protected waters, ڪسٽم هائوس آفيسر (جيڪو جهاز کي بندر تي لنگر انداز ٿيڻ مهل چڪاسي)، مڇيءَ واري کاتي جو عملدار (جيڪو مڇي مارڻ يا پکين پڪڙڻ جي معاملن وارو قانون نافذ ڪري)، سونگي.

water ballast (واٽر بيلسٽ) **n.** water carried by a ship to balance or redress the change of draught due to consumption of fuel or provisions or discharge of cargo; water carried for purposes of stability, جهاز ۾ ڪنيل پاڻي جيڪو وزن جي کوٽ جو پورائو ڪري ۽ وزن تبديليءَ جو ازالو ڪري يا لاٿل سامان جي وزن جو پورائو ڪري، جهاز کي ترڻ ۾ مددگار طور ڪنيل پاڻي.

water barometer (واٽر بروميٽر) n. a barometer in which water is substituted for mercury, آبي بار پيما. آبي موسم پيما. هوا ماپڻ جو اوزار (جنهن ۾ پاري بجاءِ پاڻي پيل هجي).

waterbath (واٽر باٿ) n. a bath composed of water; a vessel of water in which other vessels can be immersed, eg in chemical work, تڙ ڪرڻ جي جاءِ. غسل خانو. وهنجڻ جاءِ. وڏو ٿانءُ جنهن ۾ ٻيا ٿانءُ وجهي يا منجهانئس بوڙي سگهجن. آبي تَڙ.

waterbear (واٽر بيئر) n. the tardigrade, a tiny invertebrate with eight legs, ننڍڙو تازي پاڻي جو جانور. هڪ ننڍڙو اٺن ٽنگن وارو جيت. آبي رڇ شڪل جيت.

waterbed (واٽر بيڊ) n. (a bed with) a rubber or plastic mattress filled with water, sometimes used to prevent bedsores, پاڻيءَ وارو بسترو (جنهن ۾ ربڙ يا پلاسٽڪ جو ٿيلهو يا گاديلو پاڻي سان ڀريل هوندو آهي).

water beetle (واٽر بيٽل) n. any of large number of beetles living on or in water, having fringed legs by means of which they swim easily, پاڻيءَ جي مٿان يا ان اندر رهندڙ اڪيچار ڪِنڌڻ جي هڪ جنس. پاڻيءَ جي ڪِنڌڻ. پاڻيءَ جو ڀوڙو.

water bellows (واٽر بيلوز) n. a form of blower worked eg by a column of water falling through a vertical tube, formerly used to supply a blast for furnaces, هوا جهلائڻ جو اوزار جيڪو مٿان ڪرندڙ پاڻيءَ جي زور تي هلائجي. پاڻيءَ جي زور تي هلندڙ سانداڻ. سنداڻ.

water blink (واٽر بلنڪ) n. an Arctic regions, a patch of sky reflecting the colour, and hence indicating the presence, of open water; the plant blinks, اتر ٿڌي سمنڊ وارن علائقن ۾ آسمان جي عڪس پوڻ سبب اهو معلوم ٿيڻ ته لڳاتار کليل (اونهون) پاڻي (سمنڊ) موجود آهي. هڪ قسم جو پاڻيءَ وارو ٻوٽو.

water bloom or **flowers** (واٽر بلوم يا فلاورس) n. large masses of algae, chiefly blue-green, which sometimes develop very suddenly in bodies of fresh water, پاڻيءَ ۾ ايرندڙ ٻنا ڳوڙهي يا گلن وارا ٻوٽا. ساموندي الجي ٻوٽا.

water-borne (واٽر بورن) adj. floating on water; conveyed by water, esp in a boat; (of infection) transmitted by means of water, پاڻيءَ تي ترندڙ. ٻيڙيءَ رستي پهچايل. پاڻيءَ سان کڻائجي يا کڻي آيل وچڙندڙ مرض (جيڪو پاڻيءَ وسيلي هڪ مان ٻئي ڏانهن وچڙي). پاڻي جي استعمال ذريعي وچڙندڙ مرضن جو ڦهلاءُ.

water bottle (واٽر باٽل) n. a leather, glass or plastic bottle for holding drinking water, carried eg by hikers, (چمڙي، شيشي يا پلاسٽڪ جي) بوتل جنهن ۾ پيئڻ لاءِ پاڻي رکجي. پاڻيءَ جي بوتل. شيشو. ٿيلهي. مشڪ. پکال. ڪُلي.

water bouget (واٽر بوجيٽ) n. a skin or leather bottle used to carry water, usu one of a pair hung on opposite ends of a yoke, ڪل يا چمڙي جون ٻه ٿيلهيون (جيڪي ڪانواڻيءَ جي ٻنهي پاسي ڪنيل هجن). پاڻيءَ جون ٻه پکالون. مشڪون.

water brash (واٽر برش) n. pyrosis, a sudden gush into the mouth of acid fluids from the stomach, accompanied by a burning sensation (heartburn) in the gullet, چار اوڳرائي. کٽي اوڳرائي. پيٽ مان کٽس ذريعي اڻ هضم پاڻيٺ جو نڙيءَ ۾ مٿي چڙهي اچڻ. آبي قيءِ.

water break (واٽر بريڪ) n. a piece of broken water, ٽِڪل پاڻيءَ وچ تي بيٺل پاڻي جيڪو سمنڊ يا درياهه جي لهي وڃڻ کانپوءِ هيٺاهين زمين ۾ رهجي وڃي.

water-breather (واٽر بريدر) n. any creature that breathes by means of gills, مڇي يا ان جهڙي مخلوق. ڪَلِين واري مخلوق. پاڻيءَ اندر ساهه کڻندڙ مخلوق.

water brose (واٽر بروز) n. brose made of meal and water alone, ڪِش (جنهن ۾ فقط اٽو ۽ پاڻي وجهي تيار ڪئي وڃي). ڪانجهي.

water buck (واٽر بڪ) n. any of several antelopes, آبي مرگهه. ڏکڻ آفريڪا جو آبي هرڻ. پاڻيءَ جي آس پاس رهڻ وارو هڪ سهڻو هرڻ.

water buffalo (واٽر بفيلو) n. the common domestic or wild buffalo of India, مينهن (جانور). پاڻيءَ جي مينهن. سانَ. هندستان جي جهنگلي مينهن جيڪا پاڻيءَ جي ويجهو رهي ٿي.

water bug (واٽر بگ) n. any of a large variety of hemipterous insects, including water boatmen, found in or beside ponds, پاڻيءَ جي سوڻ وارن جيتن واري جنس. پاڻيءَ جي ڪنارن تي رهندڙ جيت.

water butt (واٽر بٽ) n. a large barrel for collecting rainwater, standing out of doors, وڏو پيپ (مينهن جي پاڻي گڏ ڪرڻ واسطي). وڏو کليل ٿانءُ جنهن ۾ بارش جو پاڻي گڏ ٿيندو رهي.

water cannon (واٽر ڪينن) n. a high-pressure hose pipe used to disperse crowds, پاڻيءَ جو لڙو. لڙو جنهن سان زور سان پاڻي اڇلائي ماڻهن کي ڀڄائجي.

water cart (واٽر ڪارٽ) n. a cart for conveying water, esp for the purpose of watering streets or roads, پاڻي ڍوئڻ جي گاڏي. ڇڪڪار ڪندڙ گاڏي.

water cell (واٽر سيل) n. one of several cells in camel's stomach used for storing water, اٺ جي اوجهريءَ يا پيٽ جا خانا جن ۾ پاڻي موجود رهي. آب خانو. آب خليو. آب گهرڙو.

water chestnut (واٽر چيسٽ نٽ) n. a water plant of or related to the Onagraceae; its edible seed; a

Chinese sedge or its edible tuber پاڻيءَ ڦل، سنگھاڙا، آبي ستيا ڦل، آبي شاه بلوط، (چيني) پاڻيءَ جو ڪاجرو ياڙ وارو ٻوٽو، لوڙهه، گند.

water chute (واٽر شوٽ) n. an artificial cascade or slope leading to water, down which people (sometimes in boats or tobogans) slide for sport, مصنوعي آبشار يا جهرڻو يا پاڻيءَ ڏانهن ويندڙ لاهي، گسڪڻ، ترڪڻ.

water clerk (واٽر ڪلرڪ) n. an employee of a ship's chandler, who sails about the harbour to seek custom from the ships about to dock, دڪي يا بندر جي عملدار جو ملازم جيڪو بندر ڪرڻ وارن جهازن مان محصول جي اوڳاڙي ڪري، سونگي.

water closet (واٽر ڪلوزيٽ) n. a lavatory of which the pan is flushed by water; a small room containing such a lavatory, پاڻيءَ جي ٽانڪيءَ رستي صاف رکيل ڪاڪوس، هڪ ننڍو ڪمرو جنهن ۾ اهڙو ڪاڪوس هجي، پائخانو.

watercock (واٽر ڪاڪ) n. the kora, a large E Indian gallinule, جهنگلي ڪڪڙ، آبي ڪڪڙ، ڪارو ڪڪڙ، دڙيو، ڪاهو، ڪورا، لوہو پکي.

watercolour (واٽر ڪلر) n. a pigment diluted with water and gum instead of oil; a painting in such a colour or colours, پاڻيءَ رنگ جيڪو پاڻيءَ کولر ۾ پسايل هجي، پاڻيءَ وارو رنگ، مصوريءَ لاءِ پاڻيءَ وارو رنگ، آبي رنگ، آبي رنگ تصوير.

water cooler (واٽر ڪولر) n. a machine for cooling by means of water or for keeping water cool, ڪل يا مشين جنهن ۾ پاڻيءَ کي ٿڌو ڪجي، پاڻي ٿڌو ڪندڙ اوزار، آبي سرد آلو، ٿڌي پاڻيءَ جو ڪولر.

water core (واٽر ڪور) n. (in an apple or other fruit) an abnormality consisting of watersoaked tissue, esp close to the core; a hollow core through which water may be passed, صوف ۾ غير رواجي طرح پاڻيٺ، هڪ پورو پَتو يا مغز جنهن جي وچان پاڻي لنگهايو وڃي يا لپايو وڃي، ميون جو اندروني پاڻيٺ.

watercourse (واٽر ڪورس) n. a channel through which water flows or has flowed; an artificial water channel; a stream or river, واٽرڪورس، موڪ، نالي، (مترادو) پاڻيءَ جي نالي، ڪسي، نيساڻ، واهو، نالو، گَٽ، ويڌ، ڪڙيو، واهي، نالو، شاخ، اڏ.

water cow (واٽر ڪائو) n. a female water buffalo or water bull, پاڻيءَ جو ڏاند، مينهن يا سانَ.

watercraft (واٽر ڪرافٽ) n. a boat; boats collectively; skill in swimming, or in managing boats, ٻيڙي يا ٻتيلو، ٻيڙين يا ٻتيلن جو ميڙ يا مجموعو، ترڻ جو هنر، ٻيڙين جي رکڻ جي ڪاريگري، ٻيڙي هلائڻ جو هُنر، ناڪائپ.

water crane (واٽر ڪرين) n. an apparatus for supplying water from an elevated tank, esp to a locomotive tender; a hydraulic crane, اوزار يا مشين جنهن وسيلي مٿي رکيل ٽانڪيءَ مان هيٺ انجڻ ۾ ضرورت مطابق پاڻي پهچائجي، پاڻيءَ جي زور تي هلندڙ مال لاهڻ يا چاڙهڻ جي ڪَل.

water cress (واٽر ڪريس) n. a perennial cress growing in watery places, used as a salad, آبي سلاد، دريائي سلاد ٻوٽو، دريائي ٻوٽو جيڪو سلاد طور ڪتب اچي.

water culture (واٽر ڪلچر) n. a method of cultivation, often an experimental means of determining the mineral requirements of a plant, the plant being grown with its roots dipping into solutions of known composition, ٻوٽا پوکڻ جو طريقو (جيڪو عام طرح تجرباتي وسيلن سان ڪنهن ٻوٽي کي معدني مادن اندر ٻوڙي اُلهن جي واڌ جو مشاهدو ڪجي)، آبي پوک، پاڻيءَ واري زراعت.

water cure (واٽر ڪيوڪر) n. medical treatment by means of water; hydrotherapy, پاڻيءَ علاج، پاڻيءَ جي ذريعي طبي علاج، آبي علاج.

watercycle (واٽر سائيڪل) n. the cycle in which water from the sea evaporates into the atmosphere, later condenses and falls to earth as rain or snow; then evaporates directly back into the atmosphere or returns to the sea by rivers, قدرتي موسمياتي چڪر جنهن ۾ سمنڊ جو پاڻي ٻاف ٿي ٿو ۽ پوءِ اها ٻاف ٿڌ لڳڻ سبب زمين تي مينهن يا برف جي صورت ۾ ڪري ٿي ۽ اُهو پاڻي وهي واپس سمنڊ ۾ داخل ٿئي ٿو، پاڻيءَ جو چڪر، آبي دورو.

water deer (واٽر ڊيئر) n. a small Chinese musk deer of aquatic habits; in Africa, one of the chevrotains, ننڍو (چيني) مُشڪ جي خوشبوءِ وارو هرڻ يا ڦاڙهو، آفريڪا جو ننڍڙو هرڻ جهڙو جانور، آبي مُشڪ آهو، ملائيشيا جو آبي هرڻ.

water diviner (واٽر ڊوائينر) n. a person who usu with the help of a divining-rod, detects or tries to detect the presence of underground water, ماڻهو جيڪو ٻن ڏاتوءَ وارين چڙهين يا تارَن ذريعي ڌرتيءَ اندر موجود پاڻي کي ڳولي لهڻ جي ڪوشش ڪري، پاڻيءَ کي ڪشف يا فال رستي ڳولڻ.

water drive (واٽر ڊرائيو) n. the use of water pressure, either occurring naturally or by water flood, to drive oil, gas from a reservoir, پاڻيءَ جي داب يا زور رستي (جيڪو يا تہ قدرتي طرح هجي يا مترادو طريقي سان) تيل يا گئس کي زمين جي هيٺئين حصي مان ڪڍڻ جو طريقو، (پاڻي کي گهڻي وزن ڪري هيٺ ويندو آهي ۽ تيل ۽ گئس هلڪي هُئڻ ڪري مٿي چڙهي ايندو آهي).

water dropwort (واٽر ڊراپ وورٽ) n. a genus of umbelliferous plants, including the common water dropwort and hemlock water dropwort, or water hemlock, هڪ ٻوٽو جنهن ۾ ڇَٽن وارا گل ٿيندا آهن، گجر جي جنس جون ٻاجيون، گل جن مان ڪڙي دوا ٺاهجي ٿي (ڌاتورو)، زهريلو

بوٽو.

water engine (واٽر انجڻ) **n.** an engine for raising water; an engine worked by water; an engine for extinguishing fires, پاڻيءَ تي هلندڙ مشين، پاڻي چاڙهڻ جي ڪل يا مشين، باهه وسائڻ جي انجڻ (فائر برگيڊ انجڻ)، آبي انجڻ، پاڻيءَ جي ڪَل.

watered (واٽرڊ)**adj.** (of eg silk) marked with a wavy pattern by watering; (of capital or stock) increased in nominal value without any corresponding increase in assets, ريشم تي پاڻيءَ وسيلي اُڀٽ جو نقش ڪرڻ، موڙي يا مال جي رواجي ملهه ۾ واڌ اچڻ، قيمت ۾ چاڙهه.

waterfall (واٽر فال) **n.** a fall of perpendicular descent of a body of water, a cataract or cascade; necktie; a chignon آبشار، اُپي لاهيءَ تان پاڻيءَ جو ڪرڻ، جهرڻو، پاڻيءَ چادر، چشمو، پاڻيءَ جوتيز ۽ اُبو وهڪرو، لاهيءَ تان وهندڙ پاڻي، آبشار، اک جو ڦلو، نيڪ ٽاءِ، عورت جي وارن جو چوٽو.

water fern (واٽر فرن) **n.** any of the hydropterideae or rhizocarps, water or marsh plants differing from ferns in the narrower sense in being heterosporous, classified in two families, پاڻي يا سر اندر پيدا ٿيندڙ وڻ يا بوٽا، ڍنڍ وارن علائقن جو بوٽو.

water flea (واٽر فِلي) **n.** the common name for any of numerous minute aquatic crustaceans, سڙت ڪل آبي پسو، جل ڪيڙو، آبي مک، آبي چچڙ.

water flooding (واٽر فلڊنگ) **n.** the practice, in oil, gas or petroleum production, of injecting water to maintain pressure in a reservoir and to drive the oil, towards the production wells, تيل، گئس يا پيٽرول ڪڍڻ جو طريقو (جنهن ۾ زور سان پاڻي داخل ڪري خال پريو ويندو آهي ته جيئن تيل يا گئس تيزيءَ سان مٿي نڪري اچي).

water fly (واٽر فلاءِ) **n.** an aquatic insect; an insignificant, troublesome person, آبي مک، پاڻيءَ مک، پاڻيءَ جو جيت، تڪليف ڏيندڙ معمولي ماڻهو، لفنگو، لچو، بدمعاش.

water fowl (واٽر فائول) **n.** a fowl that frequents water; swimming game birds collectively, پاڻيءَ جو پکي، شڪار جا سمورن قسمن وارا پاڻيءَ جا پکي، جل ڪڪڙ، مرغ آبي، دريائي پکي، سارس پکي، جهنگلي بدڪون، همج ۽ آڙيون.

water front (واٽر فرنٽ) **n.** the buildings or part of a town along the edge of and facing the sea, a river etc, سمنڊ يا درياهه جي ڪناري وارو شهر، جايون جيڪي سمنڊ يا درياهه جي ڪناري لاڳو هجن، ڪناري واري آبادي.

water gall (واٽر گال) **n.** a watery appearance in the sky accompanying the rainbow; a secondary rainbow, اندلٺ سان گڏ نظر ايندڙ پاڻيٺ واري روشني، هلڪي قسم جي اندلٺ.

water gate (واٽر گيٽ) **n.** a floodgate; a gate admitting to a river or other body of water; a street leading to the water, بوڏ روڪڻ وارو دروازو، دروازو جيڪو درياهه يا پاڻيءَ ڏانهن کلي، گهٽي جيڪا پاڻي ڏانهن وڃي، پاڻيءَ يا سمنڊ طرف ويندڙ رستو.

water gauge (واٽر گيج) **n.** an instrument for measuring the quantity or height of water; water pressure expressed in inches, in terms of the height of the head of water; an instrument for measuring differences in pressure, پاڻيءَ ماپ، آب پيما، پاڻي ماپڻ جو اوزار، اوزار (جنهن سان پاڻيءَ جو مقدار ۽ سندس اوچائي ماپجي)، پاڻيءَ جو دٻاءُ ماپيندڙ اوزار.

water glass (واٽر گلاس) **n.** a water clock; an instrument for making observations beneath the surface of water; a glass vessel for containing water, eg one for holding plants; a finger bowl; a tumbler; a concentrated and viscous solution of sodium or potassium silicate in water, used as adhesive, protective covering, etc, and for preserving eggs, پاڻيءَ جو گهڙيال، آبي گهڙي، آب دوز پيما جنهن سان پاڻي جي مٿاڇري هيٺان جاچنا ڪبي آهي، شيشي جو پاڻيءَ لاءِ ٿانءُ، ڊگهو ۽ سنهو پيالو، گلاس، ڪپو، ڪپي، پيالوآبي شيشو، پاڻي محفوظ شيشو، سوڊا يا پوٽاش مليل ڳارو يا مادو.

water gong (واٽر گانگ) **n.** the effect of dipping a vibrating gong into and raising it out of water to produce upward and downward glissandos, گهنڊ يا گهڙيال کي پاڻيءَ ۾ بوڙڻ ۽ گهمائڻ، (جو ان وسيلي مختلف آواز ڪڍي سگهجن)، پاڻي وهائي وڄائڻ وارو ساز.

water hammer (واٽر هئمر) **n.** a wave of increased pressure travelling through water in a pipe caused by a sudden stoppage or change in the water flow; the concussion and noise so caused, پاڻيءَ جي وهڪري جي اوچتي بند ٿيڻ يا بدلجڻ سبب وهندڙ پاڻيءَ ۾ جيڪو هڪ لل جي ذريعي وڌيل داب مان لنگهي ٿو ان مان پيدا ٿيندڙ آواز.

water head (واٽر هيڊ) **n.** the source, eg of a stream; the region where this is found; a dammed-up body of water, or its quantity, height or pressure, پاڻيءَ جو منهن، درياهه يا چشمي جو منڍ، شروعاتي هنڌ، ماخذ، ڪسي يا ناليءَ جو هڪ هنڌ جمع ٿيل پاڻي ۽ سندس مقدار، اوچائي يا داب.

water heater (واٽر هيٽر) **n.** an apparatus for heating domestic water, پاڻي ڪوسو ڪرڻ وارو اوزار، پاڻي گرمائڻو.

water hemlock (واٽر هيملاڪ) **n.** a poisonous plant; any other plant of the same genus; water dropwort, زهريلي بوٽي يا بوٽو، ساڳي جنس يا قسم وارو زهريلو پاڻيءَ جو بوٽو.

water hole (واٽر هول) **n.** a pool in which water has collected, eg a spring in a desert or a pool in the dried-up course of a river, تلاءُ، درياءَ جي پيٽ سُڪي وڃڻ

سبب هيناهين واري هنڌ تي بچيل پاڻيءَ جو ڏٻو. درياهه جي پيٽ ۾ پاڻيءَ جو چشمو.

water hyacinth (واٽر هياسنٿ) n. a tropical floating aquatic plant with bluish flowers, that grows in thick masses in ponds, پاڻيءَ ۾ ترندڙ ٻوٽو. گهاٽن مچن ۾ ايرندڙ ٻوٽو. گنبن يا پبڻ جا ٻوٽا. پاڻيءَ جو سنبل. آبي سنبل گل.

water ice (واٽر آئيس) n. sweetened fruit juice or puree diluted with water, frozen and served as a kind of ice cream, a sorbet, ميون جي ملي ڪيل رس. شربت. ڪلفي. ڳنڊو.

watering (واٽرنگ) n. the process of giving, irrigating, filling, with water; the act of drinking; dilution with water; the art or process of giving fabric a wavy, ornamental appearance; such an appearance, پاڻي ڏيڻ. ريج ڪرڻ. ڀرڻ. پيئڻ. پاڻيءَ سان پنرڙو ڪرڻ. ڪپڙي کي پاڻيءَ سان سينگارڻ. بهتر بنائڻ. رنگا رنگي. گلڪاريءَ وارو ڏيک ڏيڻ جو هنر. سُهڻو ڏيک ويک.

watering-hole (واٽرنگ هول) n. a water hole, where animals go to drink; a place where humans seek (esp alcoholic) refreshment, a pub, پاڻيءَ جو ڏٻو يا تلاءُ (جتي جانور پاڻي پيڻ وڃن). شراب خانو. هوٽل. شراب مهيا ڪندڙ هوٽل. سراءِ.

watering-place (واٽرنگ پليس) n. a place where water may be obtained; a place to which people resort to drink mineral water, or for bathing etc, جاءِ جتان پاڻي ملي. پاڻي مهيا ڪندڙ جڳهه. وهنجڻ لاءِ پاڻي مهيا ڪندڙ جڳهه. وهنجڻ جاءِ. غسلخانو.

watering trough (واٽرنگ ٽروف) n. a trough from which horses and cattle drink; a trough between the rails containing water to be scooped up by locomotives, پالٽي. ڏول. حوض. ڪونڊو. ڪونر. پاٽ. هاٺر. ڪڏ. سرنگهه. ترائي. ليسر. پانوڙو. جانورن جي پاڻي پيڻ لاءِ ٿانوَ. ريل جي انجڻن لاءِ ريل جي پٽن جي وچ ۾ پاڻي پهچائڻ وارو نل.

water jacket (واٽر جيڪٽ) n. a casing containing water placed round eg the cylinder block of an internal combustion engine to keep it cool, آبي غلاف. پاڻيءَ جي پوشاڪ. موٽر ڪارين ۾ ان قسمن جي گاڏين کي پاڻيءَ رستي ٿڌو رکڻ جو نظام.

water joint (واٽر جوائنٽ) n. a joint in a pavement that is raised to prevent water lying in it; a joint in sheet-metal roofing forming a channel for rainwater, آبي جوڙ. آبي ڳنڍ. ڇت تي رکيل ڌاتوءَ جي چادر جنهن مٿان مينهن جو پاڻي نه بيهي سگهي. گهٽين ۾ پاڻيءَ کي بيهڻ کان روڪڻ لاءِ ڪيل اوساريءَ جو طريقو.

water jump (واٽر جمپ) n. a place where a jump across a stream, pool, ditch has to be made, eg in a steeplechase, جاءِ جتان ڪنهن نالي، ڪَسيءَ، تلاءُ يا ڪڍ مٿان ٽپو ڪائي لنگهجي (راند ۾). ٽپڻ واري جڳهه.

water leaf (واٽر ليف) n. any plant of American herbs with sharply toothed leaves and cymose flowers; an ornament used in the capitals of columns, probably representing the leaf of some water plant, آمريڪي ٻوٽين منجهان هڪ ٻوٽو جنهن جي پنن تي ڏندن جهڙا ڏنا ۽ گلن جي مٿان پيا وڌندڙ گل ٿين. گهر جي ٿنڀن تي ٺاهي ويندڙ چٽسالي يا گلڪاريءَ جو نمونو.

water lemon (واٽر ليمن) n. a species of passion-flower or its edible fruit, صليبي گل ٻوٽو ۽ سندن کاڄرو ميوو.

water lens (واٽر لينس) n. a simple lens formed by placing a few drops of water in a vessel, eg a small brass cell with blackened sides and a glass bottom, سادو شيشو. شيشي جي تري وارو ٿانءُ جنهن تي پاڻي ڦڙن جي صورت ۾ رکي انهن اندر ڏسي سگهجي.

water lily (واٽر للي) n. a name commonly given to the different species and also to other members of the family, پبڻ ٻوٽو. نيلوفر. ڪنول. ڪوليس. ڪوئي گل. نيل ڪنول. آبي سوسن گل. ڳرگلي.

waterline (واٽر لائين) n. any of several lines on a ship to which it is submerged under different conditions of loading, eg the light waterline marking the depth, when it is without cargo, خط آبي. آبي ليڪ. جهاز جي پاڻيءَ اندر ٻڏل حدن منجهان حد (جنهن تائين اهو پاڻي جي اندر مختلف حالتن هيٺ ٻڏل رهي ٿو).

waterlog (واٽر لاگ) vt. to make (a boat) unmanageable by flooding with water; to saturate with water so as to make heavy, inert or unfit for use, or so as to impede life or growth, ٻيڙيءَ ۾ پاڻي ڀري ان کي هلڻ لائق نه ڪرڻ. (زمين کي) ٻوڙي آباديءَ لائق نه ڇڏڻ. پوسلي زمين. سم واري زمين.

waterloo (واٽر لو) n. a final defeat, آخري شڪست.

waterloo cracker (واٽر لوَ ڪريڪر) n. a kind of firework, آتش بازيءَ جو نمونو.

water measure (واٽر ميزر) n. a measurement used for goods such as coal or salt sold on board ship, the bushel, being larger than the standard bushel, آب پيما. پاڻيءَ جي جهاز تي پيمائش جو ماپ. لوڻ ۽ ڪوئلي لاءِ خاص ماپو (جهڙوڪ بَشيل ماپو جيڪو معياري بَشيل کان وڌو ٿيندو آهي).

water melon (واٽر ميلن) n. a plant of the cucumber family of African origin, having a large pulpy, pleasantly flavoured fruit; the fruit itself, هنداڻو. چانهين. چانهون. سردو.

water meter (واٽر ميٽر) n. an instrument for measuring the quantity of water passing a particular out-

مونڊي يا آوالديءَ مان لنگهندڙ پاڻيءَ جي وهڪ ماپڻ وارو ماپو، let, پاڻي پيما، آب پيما، پاڻي ماپ، آبي مقيا س.

water mocassin (واٽر موڪيسن) **n.** a poisonous snake of the southern US, (ڏکڻ آمريڪا جو) زهريلو نانگ.

water mole (واٽر مول) **n.** the desman, a shrew-like aquatic animal; the duckbill or platypus, پاڻيءَ ۾ رهندڙ (جيت ڪاڻيندڙ) ڪوڪو، ڇڇوندر، آبي ڪوڪو، بدڪ جهڙي چهنب وارو ڪولي جهڙو جانور.

water monkey (واٽر مانڪي) **n.** a round, narrow-necked, porous earthen ware jar for holding drinking-water, used in hot climates, دلو، گهڙو، ڪوزو، گگهي، دلي، ٽيو.

water mouse (واٽر مائوس) **n.** the water vole; any mouse. پاڻيءَ جو ڪوئو، عام ڪوئو.

water music (واٽر ميوزڪ) **n.** music performed, or composed for performance, during an excursion by water, پاڻيءَ (واري جاءِ) تي ڪيل راڳ رهاڻ، درياهه يا سمنڊ ڪناري ڪيل پڪنڪ جي محفل، ٻيڙين ۾ ڪيل موسيقيءَ واري محفل.

water nymph (واٽر نمف) **n.** a nymph inhabiting water, esp a naiad of Greek mythology, يوناني ديو مالائي پاڻيءَ جي ديوي.

water ouzel (واٽر اوزل) **n.** the dipper, an aquatic songbird of the genus cinclus, لوبو پکي، هڪ پکي جيڪو برفاني علائقن جي شفاف پاڻيءَ مان آبي ڪيڙا ڳولي کائيندو آهي.

water parsnip (واٽر پارسنپ) **n.** any plant of the aquatic umbelliferous genus Sium, esp the skirret, چقندر، موري، گوگڙو، گجر ۽ ان قسم جون ڀاڄيون.

water pepper (واٽر پيپر) **n.** a very acrid persicaria of wet places, تمام تيز يا تکو مرچ.

water pistol (واٽر پسٽل) **n.** a weapon or toy for shooting a jet of water or other liquid, پاڻي ڪيندڙ پسٽول، پاڻيءَ جو رانديڪو.

water plantain (واٽر پلانٽين) **n.** a plant having plantain-like leaves and clustered white or pink flowers; any other plant of the Alisma genus ٻوٽو جنهن جا پن مُچو ٿيل ۽ ان ۾ اڇا يا گلابي گل ٿين.

water plate (واٽر پليٽ) **n.** a plate having a double bottom enclosing a space for hot water, used to keep food warm, ٻٽي تري وارو ٿانءُ (جنهن ۾ گرم پاڻي وجهي کاڌو گرم رکجي).

water polo (واٽر پولو) **n.** an aquatic ball game played by swimmers, seven a side; a similar game played by contestants in canoes, پاڻيءَ جي ڪينهوئڙي واري راند، پاڻيءَ جي پولو راند.

water pox (واٽر پاڪس) **n.** varicella, ie chickenpox, ارڙي يا لاڪڙو، پاڻيءَ وارن داڻن واري بيماري، ننڍي ماتا، آبي ماتا داڻا، ڪڪڙين جي ماتا.

water proof (واٽر پروف) **n, adj, vt.** coated eg with rubber or plastic, so as to be impervious to water; so constructed as to exclude water; a material or an outer garment made impervious to water; and to make or become impervious to water, esp through the process of coating with a solution, ربڙ يا پلاسٽڪ چڙهيل مادو يا ڪپڙو، پاڻيءَ روڪ، پن روڪ (جنهن اندر پاڻي نه لنگهي سگهي)، پاڻيءَ جهل پوشاڪ، باراني، برساتي.

water rail (واٽر ريل) **n.** the common rail of Europe, a long-beaked wading marsh bird, يورپ جو ڊگهيءَ چهنب وارو پاڻيءَ جو پکي، ڏڙيو يا ڪاهو پکي.

water reactor (واٽر ري ايڪٽر) **n.** a water-cooled nuclear reactor, (پاڻيءَ رستي ٿڌو رهندڙ) نيوڪلائي يا ايٽمي ري ايڪٽر، ايٽمي طاقت سان بجلي پيدا ڪندڙ مشين.

water repellent (واٽر ريپلنٽ) **adj.** (of a fabric) treated so as not to absorb water, ڪپڙي کي دوا يا ڪيميائي مادو لڳائڻ جو پاڻيءَ کي چهي نه سگهي، غير سوس ڪپڙو، غير آبي ڪپڙو.

water resistant (واٽري ريزسٽنٽ) **adj.** (treated so as to be) resistant to penetration by water, دوا يا ڪيميائي مادو لڳڻ سبب پاڻي نه ڇهندڙ، پاڻيءَ جي عمل کي روڪيندڙ (جيئن واچ، ڪپڙو وغيرهه).

water sapphire (واٽر سفاير) **n.** an intense blue variety of cordierite used as a gemstone, تمام گهاٽي نيري رنگ وارو پٿر يا شيشو (جنهن کي هيري طور استعمال ڪجي ٿو)، آبي نيلم.

watershed (واٽر شيڊ) **n.** the line of high ground separating two river basins; a drainage or a catchment area; a slope or structure down which water flows; a crucial point or dividing line between two phases, conditions, متاهين جڳهه جيڪا ٻن دريائن جي پيٽ کي ڌار ڪري، ڇندڻ يا ڪجي وارو علائقو، لهوارو سلسلو يا رستو، ٻن صورتن يا حالتن کي ڌار ڪرڻ وارو خصوصي هنڌ، پاڻيءَ نيڪال، ڇندڻ، چوڙ، پاڻي جو ڪڏو، پاڻيءَ جو بند.

water soldier (واٽر سولجر) **n.** an aquatic plant with sword-like leaves and white flowers reminiscent of plumes of feathers, common in lakes and ditches in the east of England, (برطانيه جو) پاڻيءَ وارو ٻوٽو.

water spout (واٽر اسپائوٽ) **n.** a pipe, from which water spouts; the spout of water; a torrential downpour of rain; a disturbance like a very small tornado, a revolving column of cloud, mist or spray, نل يا نڙو، پاڻيءَ جو نيسارو، ڦوهارو، مينهن جو تيز رفتار سان پوڻ، ڪرڻ يا

وسڻ، تندو طوفان، مينهن، ڪڪر، ڌنڌ يا ڇڪار واري حالت.

water supply (واٽر سپلاءِ) **n.** the obtaining and distribution of water, eg to a community; the amount of water thus distributed, پاڻي کي حاصل ڪري ورهائڻ جو نظام. انساني آباديءَ کي پاڻي پهچائڻ جو نظام. پاڻيءَ جي رسد، آب رسائي. پاڻي پهچائڻ.

water table (واٽر ٽيبل) **n.** a moulding esp in the string course of a building, designed to throw rainwater outwards so that it does not flow down the wall below; the level below which fissures and pores in the strata are saturated with water, زير زمين پاڻي جو سطح سمرابي، زمين ۾ پاڻيءَ جي سطح. عمارت مٿان پيل. مينهن جي پاڻيءَ کي ٻاهر ڦٽو ڪرڻ لاءِ ٺاهيل نظام. زمين اندر پاڻيءَ جي موجودگيءَ واري ماپ.

watertap (واٽر ٽيپ) **n.** a tap or cock used for letting out water, ٻجيءَ وارو نل، نلڪو، پاڻيءَ جو نل.

water thrush (واٽر ٿرش) **n.** either of species of American warbler with brownish backs and striped under parts, living near water, ٻولڻ يا ٽنواريندڙ پکي، چنچل پکي، آمريڪي چيهو پکي، طوطي پکي.

water tight (واٽر ٽائيٽ) **adj.** so well-sealed as not to admit water or let it escape; (of an argument) such that no flaw, weakness or source of misinterpretation can be found in it, پاڻي پختو، ليڪ ناڪ بند ٿيل (جنهن ۾ نڪو پاڻي اندر گهڙي سگهي نڪوئي ٻاهر نڪري سگهي). بحث مباحثو، جنهن ۾ ڪو نقص، ڪمزوري يا غلط مطلب ڪڍڻ جو ذريعو نه ليي، پاڻي محفوظ، آب بند، ٻن روڪ، پاڻيءَ پختو، پاڻيءَ روڪ، پاڻي اثر نه ڪندڙ، پاڻي بند.

watertight compartment (واٽر ٽائيٽ ڪمپارٽمينٽ) **n.** a section of ship's hull or other underwater structure so formed that water cannot enter it from any other part; a part, esp of one's thoughts or beliefs, shut off from the influence of other parts, جهاز جي هيٺين حصي ۾ پاڻي جي داخل ٿيڻ کي روڪڻ جو نظام. پاڻيءَ روڪ بناوت، پاڻيءَ روڪ خانا، جدا جدا ٺاهيل خانا. ڪنهن انسان جا اهڙا خيال جن تي ڪنهن ٻه قسم جو زور بار يا ٻيو طريقو اثر نه ڪري، مڪمل ۽ پڪو عقيدو، اڻ ڦرندڙ خيالات.

water tortoise (واٽر ٽار ٽوائز) **n.** a terrapin or other aquatic tortoise, تازي پاڻيءَ واري ڪمي يا ڪچون.

water tower (واٽر ٽاور) **n.** a tower containing tanks in which water is stored so that it may be delivered at sufficient pressure for distribution to the area; a vertical pipe supplied with water under high pressure, used in firefighting, پاڻيءَ جو مٿاهون منارو يا حوض. نل جنهن مان باهه وسائڻ لاءِ تيز رفتار پاڻي ڪم آڻجي. آبي برج. برج آب.

water twist (واٽر ٽوسٽ) **n.** a kind of cotton yarn, first made by the water frame; in spinning, more than the usual amount of twist, ڪپهه جو وٽ ڍلل ڌاڳو. رواجي وَٽ کان وڌيڪ وٽ ڏيڻ. ڌاڳي کي آلو ڪري وٽڻ.

water vapour (واٽر ويپر) **n.** water in gaseous form, esp when evaporation has occurred at a temperature below boiling-point, ٻاڦ جي صورت ۾ پاڻي. پاڻيءَ جو بخار. آبي بخار. ٻاڦ. ڪوهيڙو.

water vascular (واٽر ويسڪيولر) **adj.** relating to vessels in certain invertebrates which contain a mixture of water and a nutritive fluid; in echinoderms, relating to the system of coelomic canals associated with the tube feet and supplying fluid for their movement, آبي نس. ٻنا ڪرنگهي وارن جاندارن ۾ پاڻي ۽ طاقت ور ڪاڙي وارو مادو جهليندڙ نليون. رڳون يا نسون. جانورن ۾ سنڌن کي پاڻيٺ پهچائڻ جو نظام.

water vine (واٽر وائين) **n.** a name for various plants yielding a refreshing watery sap, ٻوٽا جن مان رس نڪري، رس ڏيندڙ ولدار ٻوٽا.

water violet (واٽر وايوليٽ) **n.** a plant of the genus of aquatic herbs with racemose flowers and crowded submerged leaves, پاڻيءَ جي جهڳٽيدار گلن وارن ٻوٽن جي جنس جو ٻوٽو.

water wagon (واٽر ويگن) **n.** a wagon used to convey water; abstinence from alcohol, گاڏو (جنهن ۾ پاڻي ڍوئجي). شراب کان پرهيز ڪرڻ.

water wagtail (واٽر ويگ ٽيل) **n.** a wagtail, esp the pied wagtail, چتڪمري رنگ وارو ڪترياڻي پکي، ڪتياڻي پکي، ڪنڪتياڻي پکي، ڌوبياڻي پکي.

waterway (واٽر وي) **n.** a series of pieces of timber, extending round a ship at the junction of the decks with the sides, having a groove connecting with the scuppers to carry off water; any channel for water; a stretch of navigable water; a route over, or by water, جهاز جي چوڌاري ڪاٺ جا ٽڪر لڳائي پاڻيءَ لاءِ وهڪرو ٺاهڻ. پاڻيءَ جي نالي، پاڻيءَ جو ٻنو، پاڻيءَ مان لنگهڻ جو رستو، پاڻيءَ وارو لنگهه، آبي رستو.

waterweed (واٽر ويڊ) **n.** any plant with very small flowers and leaves growing in ponds, etc, پاڻيءَ جو ننڍن گلن وارو ٻوٽو، ڍٻن ۾ ٿيندڙ ٻوٽو.

waterwheel (واٽر ويل) **n.** a wheel moved by water; an engine for raising water, چرخو يا چڪي (جيڪا پاڻيءَ جي زور تي هلي)، نار ، پڙهولو يا پڙهوڏو، ڪپي، چرخي، ٻن چرخي، هَرلو، ڍينڪو، ٻن چڪر، پاڻيءَ کي مٿي چاڙهڻ واري انجڻ يا ڪَلَ.

waterwings (واٽر ونگس) **n.** a wing-like inflated device that fits across the chest, or a pair of inflatable armbands, for keeping a non-swimmer, esp a child

learning to swim, afloat in water, كنب جي شڪل واري ڦوڪيل شيءِ. ٿرهو. سيشهه. تنبو. پاڻيءَ ۾ ترڻ لاءِ مددگار اوزار. هوا ڀريل كنب شڪل بناوت.

waterwork (s) (واٽر ورڪ (س)) **n.** any apparatus or plant by which water is supplied to a town; ornamental fountain, cascade; fabric painted to look like and be used like tapestry; tearshedding, weeping; the urinary system, (مشين) جنهن جي وسيلي شهر کي پاڻي پهچائجي. گلڪارين سان سينگاريل چشمو يا آبشار. ڳوڙها وهائڻ. روئڻ. پيشاب جي نيڪال جو سرشتو. پاڻيءَ جي ڪل. پاڻيءَ جي رسد جو نظام. هنجون هارڻ. پاڻيءَ جو نيڪال.

watery (واٽري) **adj.** full of water; (of eyes) moist, secreting water noticeably; pertaining to, consisting of or containing water, like water; thin or transparent; tasteless; weak, vapid; (of sky or sun) having a rainy appearance; associated with or controlling the sea, tides, rain, etc; پاڻيءَ سان ڀريل (جيئن اکيون). گهم. پاڻي يا ان سان گڏيل جنهن ۾ پاڻي هجي. سنهڙو يا شفاف. بي سواد. ڪمزور. بي ذائقو. سمنڊ، ويرون. مينهن. انهن تي حڪم هلائيندڙ. پاڻيءَ وارو. پنڪو. پاڻير. پاڻيارو. پاڻيءَ جو. آبي. پاڪو. لنک. ڦڪل (رنگ). لسو. بي سوادي. ڇنڙو. پنکو. مرطوب. ڇڊو. پتڙو. جهارو. ڳاٽ پرجڻ.

water yam (واٽر يَم) **n.** a plant with farinaceous rootstock, the lattice leaf, جاريدار پن وارو ٻوٽو.

watt (واٽ) **n.** the practical and MKS unit of power, equal to a rate of working of one joule per second, واٽ. بجليءَ جو ماڻ. برقي رو اڪائي. بجلي جي طاقت جاچڻ جو معياري يا بنيادي عدد. ماپ يا ايڪو.

wattage (واٽيج) **n.** an amount of power expressed in watts, واٽن ۾ بجلي جي طاقت جو اندازو.

watt-hour (واٽ آور) **n.** a common unit of electrical energy, being the work done by one watt acting for one hour, بجلي جي طاقت جو عام ايڪو. هڪ ڪلاڪ ۾ بجليءَ جي هڪ واٽ جو ڪاپو.

wattle (ووٽل) **n, vt.** material for fences, roofs, in the form of rods and branches, either interwoven to form a network or loose; a hurdle; a twig or flexible rod; any of various Australian acacias; the coloured fleshy excrescence under the throat of some birds, or a similar excrescence or process on any part of the head of a bird, fish, to bind with wattle or twigs; to form by plaiting twigs, لوڙهن ۽ ڇتين جو سامان جن ۾ شيخون. شاخون. ڪاريون ڇيريون. لوڪا. تڏا وغيره اچي وڃن. روڪ يا بند. مڙندڙ شيخ يا لٺ. شاخ. ٻٻر جا وڻ. پکين جي ڳچين جي هيٺان ماس وارو حصو يا ڳنڊ. پکيءَ. مڇيءَ جي مٿي تي اوبڙ يا ڳنڊ. لوڙو. ڇپرو. لڪڙ. لاڪڙ. ڳاهڻ. مڙهيل. مڙهڻ. ناري. جاري. تڏو. مڙهيون. ڪڙيون.

wattling (ووٽلنگ) **n.** the act of making wattles by interweaving twigs, wattlework, or the material for it, جعفريءَ جو ڪم. اوج. اٽيل ڪم. ڪارو. لوڪو. ڇپو. تڏو. ڇپري. ٽڪَ.

wattle bark (ووٽل بارڪ) **n.** the bark of various acacias, used for tanning, ٻٻر جي وڻ جو ڇوڏو.

wattle bird (وٽل برڊ) **n.** any of a number of honeyeaters of Australia that have ear wattles, ماکي کائڻ وارا آسٽريلوي لڙيکلو پکي. ماکي خور پکي.

watt-meter (واٽ ميٽر) **n.** an instrument containing a series and a shunt coil whose combined torque produces a deflection of the needle that is a direct measure of the circuit power in watts, اوزار جنهن ۾ بجليءَ جي استعمال کي ماپيو وڃي. بجلي ڪاپي ماپو. بجليءَ جو ميٽر.

waugh (وا) **interj.** expressing sorrow, anger, usu attributed to N American Indians, (آمريڪا جي اصلوڪن رهاڪن طرفان) ڏک يا ڪاوڙ جو اظهار ڪرڻ واري رڙ يا واڪو.

waught or waucht (واٽ) **n, vt, vi.** a large draught; to drink in large draughts, وڏو ڍَڪ. وڏا ڍَڪَ ڀري پيئڻ.

waul or wawl (وال) **vi, n.** to cry like a cat or a newborn baby; to roll the eyes; to roll, ٻليءَ وانگر يا ننڍن ٻارن وانگر ڪيڪون ڪرڻ. اونان اونان ڪرڻ. مياڻو مياڻو ڪرڻ. اکيون ڦيرائڻ. ليٽڙيون پائڻ. قلابازي ڏيڻ.

waulk, walk or wauk (واڪ) **vt.** to full (cloth) ڪپڙي کي ڪلفَ هڻڻ. ڪلفائڻ.

wave (ويو) **n, vi & vt.** a ridge on the surface of a liquid, esp of the sea; a surge, consisting of vibrating particles of liquid; moving across the surface of a body of liquid such as the sea, the vibrations of the individual particles being at right angles to the line of advance; a unit disturbance in any travelling system of vibrating particles such as a light wave or a sound wave; a swell or increase, normally followed by a subsidence or decline; any movement suggestive of a surge; to move like a wave; to move backwards and forwards; to float or hover; to flutter; to brandish; to waft or beckon; to express by a wave; to direct, signal an instruction to, by a wave, لهر. ڇولي.موج. لوڏ. وير. ڇال ڇولو. وهڪرو. پاڻياٺ جي مٿاڇري تي خصوصاً سمنڊ جو چاڙهه. خلل (جيڪو چرندڙ پرندڙ ذرڙن جي هلڻ واري سلسلي ۾ پوي ٿو). واڌ يا چاڙهه. چرپر جنهن مان چاڙهه معلوم ٿئي. لهر يا ڇوليءَ وانگر هلڻ. اڳتي پوئتي هلڻ. مٿان تي بيهڻ. لامارا ڏيڻ. ڦڙ ڦڙ ڪرڻ. ڦيرائڻ يا ڦرڻ. ترڻ. اشاري سان سڏڻ. ڏيکارڻ. لهر دار يا گهنڊيدار ڪرڻ. لهرن رستي (آواز يا اشارو) موڪلڻ يا ڏيڻ.

wave aside (ويو اسائيڊ) **vi.** to dismiss (a suggestion) as irrelevant or unimportant, تجويز کي ٽاري ڇڏڻ.

پاسيرو ڪرڻ.

wave band (ويو بئنڊ) **n.** a range of wavelengths occupied by transmission of a particular type, لهرن جي ڊگهي قطار، آوازي لهرن جي لاڳيتي قطار، ريڊيائي لهرون.

waved (ويوڊ) **adj.** showing a wavelike form or outline; undulating; (of hair) artificially made to undulate; indented; having on the margin a succession of curved segments or incisions, لهر جهڙو نمونو، وارن کي لهرن وانگر ڪري بيهارڻ، لهردار، لهريلو، موج وارو، موجدار، ليڪن وارو.

wave down (ويو ڊائون) **vi.** to signal to stop by waving, بيهڻ واسطي اشارو ڪرڻ، بيهڻ جو اشارو.

wave form or **waveshape** (ويو فارم آر ويو شيپ) **n.** a graph showing variation of amplitude of electrical signal or other wave, against time, چنساليءَ وارو نقشو، لهرن وارو نقشو، لهر نگار، لهري شڪل، موج صورت.

wave function (ويو فنڪشن) **n.** a mathematical equation representing the space and time variations in amplitude for a wave system, وقت ۽ مفاصلي جي فرق کي جدا ڪري ڏيکاريندڙ حسابي برابري يا مساوات جو اصول.

wave guide (ويو گائيڊ)**n.** a hollow metal conductor, usu rectangular, within which very high-frequency energy can be transmitted efficiently, ڌاتوءَ جو مستطيل شڪل وارو بجليءَ جو وهڪرو هلائڻ وارو اوزار، لهر رهبر.

wavelength (ويو لينٿ) **n.** the distance between two successive similar points on an alternating wave, eg between successive maxima or between successive minima; such a distance serving to identify radio waves from a particular transmitter, لهري ڊيگهه، لهرائي ڊيگهه، طول موج، ڪنهن اينڌڙ هڪ جهڙين نوڪن يا نقطن جي وچ ۾ مفاصلو جن رستي ريڊيو جو نظام ڪم ڪري ٿو.

wavelite (ويو لائيٽ) **n.** hydrated phosphate of aluminium, occurring commonly in flattened globular aggregates, showing a strongly developed internal radiating structure, فاسفورس ۽ جست جي ڪيميائي ملاوت (اندران چمڪندڙ) وارو مادو.

wave mechanics (ويو مڪينڪس) **n.** (Physic) the part of quantum mechanics dealing with the wave aspect of the behaviour of radiations, ڪل جي طاقت جو مقدارجاچڻ جو طريقو ۽ قاعدو، فزڪس جا لهرن بابت اصول ۽ متا.

wave meter (ويو ميٽر) **n.** an instrument for measuring wavelengths, directly or indirectly, لهرن جي ڊگهائي ماپڻ جو اوزار، لهر پيما، موج پيما.

wave motion (ويو موشن) **n.** undulatory movement; motion in waves, or according to the same laws, لهرون ڪرڻ واري چرپر، لهرن جي نموني چرڻ پرڻ، لهري حرڪت، موجي حرڪت.

wave off (ويو آف) **vi.** to wave to (someone moving out of sight on departure) by way of farewell, رواني ٿيڻ کانپوءِ هٿ لوڏي اشارو ڪرڻ، هٿ لوڏي الوداع ڪرڻ.

waver (ويور) **vi.** to move to and fro; to shake, be unsteady, be in danger of falling; to falter, show signs of giving way; to vacillate; to vary, change, هلڻ ڦرڻ، لوڏڻ، غير مستحڪم ٿيڻ، خطري ۾ پوڻ، هبڪڻ يا دليون هٿڻ، هٿيار ڦٽا ڪرڻ جا آثار، ڳڇتيون کائڻ يا ڦرڻ گهرڻ، ڦيرائڻ گهيرائڻ، ڦيرائڻ يا ڦرڻ، همت هارڻ، لوڏا کائڻ، ڦڙڪڻ، ٻڏڻ ترڻ، ڦٿڙائڻ، ڏولائيمان ٿيڻ، ٻه چتيو ٿيڻ.

waveringly (ويورنگلي) **adv.** in a wavering or irresolute manner, هبڪڻ، لڏڻ، هڪ هنڌ نه بيهڻ، هڪ ڳالهه تي نه بيهڻ، ڦرڻ گهرڻ، ٻه چتائي، ڏولائي مائي.

waveson (ويو سن) **n.** goods floating on the sea after a shipwreck (جهاز جي ٻڏڻ کانپوءِ) سمنڊ ۾ الجو ترندڙ لاوارث سامان.

wavey or **wavy** (ويوي) **n.** the snow goose (Cree), برفاني هنج پکي، ڦاز پکي.

wavy (ويوي) **adj.** (of hair) forming undulations, full of waves; (of a line) describing a series of curves in alternating directions; like waves in shape or movement; curving, undulating; fluctuating, wavering, وارن کي لهرن وانگر ٺاهڻ، گهنڊيدار وار، لهرن سان ڀريل، ڏنگو ٿيڻ يا ڪرڻ، لهرون ڪرڻ، گهٽ وڌ ٿيڻ، دليون هٿڻ، موج زن، لهردار، لهري، چوليدار، لهر وانگر، موج وارو.

waw or **wawe** (واو يا ويو) **n.** a wave چولي، لهر، موج.

wax[1] (وئڪس) **n, vt.** any of a class of substances of plant or animal origin, usu consisting of esters of monohydric alcohols, eg beeswax, $C_{30}H_{61}O \cdot Co.C_{15}H_{31}$; any of certain hydrocarbons of mineral origin, eg ozokerite; any substance like a wax in some respect, such as ear wax or cerumen; sealing-wax, prepared from shellac and turpentine; a resinous material used by shoe-makers to rub their thread; puddled clay; a thick sugary substance made by boiling down the sap of the sugar maple, and cooling by exposure to the air; a person found to be readily impressionable or easily influenced; to coat or treat with wax, esp so as to render waterproof; to smear, rub or join with wax, مر، ميڻ، جوء، مومر، لاک، ڪنولر، ميل، ڪن جي مَرَ، ميڻ جهڙا مادا جيڪي ڪنهن ٻوٽي يا جانور جي پيدائش هجن، ماکيءَ جي ميڻ، سيل ڪرڻ جي لاک، ڪنولر جهڙي ڳوهيل مٽي، گهاٽو کنڊ مليل مادو، چاش، شخص جيڪو جلدي ميجي وڃي يا متس جهٽ اثر پوي، ميڻ جو ملمع چاڙهڻ، ميڻ سان لنبڻ، ملڻ يا ملائڻ.

wax[2] (وئڪس) **vi.** to grow or increase; (of the moon as it passes through its phases from new moon to full moon) to show, night by night, an increasing area of illuminated surface; to pass into another state, become, as in wax lyrical, چنڊ جو وڌڻ، ٿلهو ٿيڻ، روشني ۾ وڌڻ، هر رات وڌيڪ روشن ٿيل متاڇرو، ٻي صورت وٺڻ، متجڻ.

wax[3] (وئڪس) **n.** a passion, a fit of anger, شوق واري سرگرمي، خواهش، ڪاوڙ جو اُڌڪو، لهر، جوش، گجي اچڻ، لپڻ، جوش ۾ اچڻ.

wax and wane (وئڪس اينڊ وين) **vi.** to increase and decrease in alternating sequence, واري سان وڌڻ ۽ گهٽجڻ، وڌو ۽ ننڍو ٿيڻ.

wax berry (وئڪس بيري) **n.** the wax myrtle or its waxy-surfaced fruit, ميڻ جهڙي نرم متاڇري وارو ميوو.

wax bill (وئڪس بِل) **n.** any of various small seed-eating birds of the weaver finch family with coloured bills like sealingwax, ٻوڙي پکين جي جنس، ڳاڙهي چهنب وارو ٻوڙي پکي.

wax chandler (وئڪس چنڊلر) **n.** a maker of or dealer in wax candles, ميڻ بتين ناهڻ ۽ واپار ڪرڻ وارو.

wax cloth (وئڪس ڪلاٿ) **n.** another name for both oilcloth and linoleum, ميٺتي ڪپڙو، ميڻ لڳل ڪپڙو، ميڻ وارو ڪپڙو، پاڻي نه چهندڙ ڪپڙو.

wax doll (وئڪس ڊال) **n.** a child's doll having the head and bust made of hardened beeswax, (ٻار جي) گڏي يا گڏو (جنهن جو مٿو ۽ ڌڙ سخت ٿيل ميڻ مان ٺاهيل هجي).

waxed (وئڪسڊ) **adj.** (of a fabric or garment) made waterproof by being treated with wax, پوشاڪ جنهن تي پاڻي اثر نه ڪري، ميڻ لڳل پوشاڪ، پاڻي بند پوشاڪ.

waxen (وئڪسن) **adj.** made of wax, like wax; easily impressed, penetrated, effaced, ميڻ مان ٺهيل، ميڻ جهڙي، سولائي سان ٺپو يا نشان لڳڻ، ميڻ جهڙو(مادو، ميٺتو، نرم دل).

wax flower (وئڪس فلاور) **n.** an artificial flower made of wax; any of several plants eg a white flowered climbing plant of Madagascar, and plants of Australia, ميڻ مان ٺهيل مٿراڌو گل، اڇن گلن واري ول، آسٽريليا ۽ مڊگاسڪر جون وليون، ميڻ گل (ٻوٽو).

wax insect (وئڪس انسيڪٽ) **n.** an insect that secretes wax, eg any of several of the Coccidae, etc, ميڻ ڏيندڙ جيت، ميڻ جيت، ميڻ ٺاهيندڙ جيت.

wax moth (وئڪس ماٿ) **n.** a bee moth, destructive of young bees, ماکيءَ تي مک مو نقصانڪار پتنگ يا پروانو.

wax myrtle (وئڪس مرٽل) **n.** the US candleberry tree, (آمريڪا جو) ٻيرن جو وڻ، ڪانڊل ٻوٽو.

wax palm (وئڪس پام) **n.** either of two S American palms yielding wax, ميڻ مان جن وڻ جا پام يا ناريل ڪجين، يا لاک لڪري، ميڻ ڪجور، پام.

wax paper (وئڪس پيپر) **n.** paper spread with a thin coating of white wax and other materials, ميڻ سان ڪاغذ تي سنهون تهه چاڙهڻ، ميڻ پنو، ميٺاڻو پنو.

wax plant (وئڪس پلانٽ) **n.** any of several plants of Australia and E Asia, climbing plant, with clusters of waxy white or pink star-shaped flowers and succulent leaves, جڙي ٻوٽي، ول، ميڻ جهڙن گلن وارا ٻوٽا.

wax pocket (وئڪس پاڪيٽ) **n.** in bees, a ventral abdominal pouch that secretes wax, ماکيءَ جي مکين جي پيٽ اندر ميڻ ٺاهيندڙ عضوو، ميڻ خانو، ميڻ ٿيلهي.

wax tablet (وئڪس ٽيبليٽ) **n.** a wax-coated wooden writing tablet, for use with a stylus ميڻ جو تهه لڳل ڪاٺ جي لنڊڙي سليٽ جيڪا لکڻ جي ڪم اچي.

wax tree (وئڪس ٽري) **n.** a tree from which wax is obtained, eg a Japanese sumac, the wax myrtle, a privet, وڻ جن مان ميڻ يا لاک لڪري، ميڻ ڏيندڙ ٻوٽا.

wax wing (وئڪس ونگ) **n.** a member of a genus of passerine birds with small red horny appendages, resembling red sealing-wax, on their wings, يورپ ۽ اتر ايشيا جو ميڻ وارن کنين وارو بلبل پکي، جهرڪيءَ جهڙو ٻوليندڙ پکي، ڳاڙهي چهنب وارو ٻوڙي پکي، ميڻ کنب پکي.

wax work (وئڪس ورڪ) **n.** work done in wax; a figure or object modelled in wax; an exhibition of wax figures, ميڻ تي ٿيل ڪم، مورت يا شيءِ جنهن جو قالب ميڻ سان ٺهيل هجي، ميڻ جي پتلن جي نمائش، ميڻ مجسمو.

waxy (وئڪسي) **adj.** resembling wax in texture or appearance; soft; impressible; impressionable; pallid, pasty, ميڻ جهڙو، نرم، نشان ٿي سگهڻ جهڙو، مومي، ملايم، ميڻدار، ڪنوُرڙو، ميٺي.

waxy degeneration (وئڪسي ڊي جنريشن) **n.** a morbid process by which the healthy tissue of various organs is transformed into a peculiar waxy albuminous substance, ميڻ پيڙهي بگاڙ، ميڻ غيري پيڙهي، تنتي بيماري.

way[1] (وي) **n.** passage; a road, street, track, used in street names; direction of motion; the correct or desired route or path; length of space, distance; district; room or opportunity to advance; freedom of action, scope; manner of life; established routine; position, as in wrong way up, other way round; condition, state; advance in life; normal or habitual course or conduct; manner, style; method; means; course; respect; will; progress, forward motion; framework of timbers on which a ship

slides when being launched, رستو، کهڻي، پيچرو، چَرڻ يا هلڻ، صحيح يا کهربل دڳ، وٿي يا وچوٿي، مفاصلو، علائقو، اڳتي وڌڻ جي گنجائش، موقعو، ڪم ڪرڻ جي آزادي، زندگيءَ جو طريقو يا ڍنگ، قائم ٿيل دستور يا ليم، پَرَ، لوڏ، وَڙُ، حياتيءَ جي ترقي، رواجي يا عادت رستي ناهيل (رستو يا هَلت جو طريقو)، ڍنگ، نمولو، ڍؤل، وسيلا، مانَ، مرضي، واڌارو، اڳتي هلڻ، پاسو، دستور، طرح، ريت، سرو، سڳر، مارگ، وات، راهه، ونگ وڻگ، وجهه، ڍَبُ، سَير، دؤري، پنڌ، طرف، طرز، اچارڻ، چال چلت، اطوار، روش، پار، ڪت، سفر، نمولو، رهت، حالت، سرواهي، سهج، بجاءِ، بہ عيوض، وات ڏيڻ.

way[2] **(وي) adv.** by a substantial distance or length of time, ڳچ جيترو پنڌ يا وقت، ڪافي وقت کان.

way[3] **(وي) vt.** to weigh, esteem, تورڻ، تڪڻ، اندازو ڪرڻ، حساب لڳائڻ، مان، عزت.

way back (وي بئڪ) n. long ago; the distant past; far into the past, گهڻو اڳ، پراڻهون، ماضيءَ جو، پراڻي وقت ۾، تمام جهونو، اڳاڻو، قديم.

way baggage (وي بيگيج) n. baggage to be laid down at a way station, اهو سامان جيڪو رستي تي ايندڙ اسٽيشن تي لاهڻو هجي، رستي جو مال.

way bill (وي بِل) n. a list of passengers and goods carried by a public vehicle; a document giving details regarding goods sent by rail or road vehicle; a list of places to be visited on a journey, ياڙي تي هلندڙ گاڏيءَ جي مسافرن ۽ سامان جي فهرست يا چِٺو، مال ۽ مسافرن جي ياداشت، مسافري دوران ڏسڻ وارين جڳهين جو تفصيل.

way fare (وي فيئر) vi. to travel, esp on foot; travel on foot, پيرين پيادو سفر ڪرڻ، پيرين پنڌ مسافري.

way farer (وي فيئرر) n. a traveller, esp on foot, پيادل مسافر، واٽهڙو، راهي، پانڌيئڙو، سيلاني.

wayfaring tree (وي فيئرنگ ٽِري) n. a large shrub with white flowers and berries that turn red and finally black, common in hedges, وڏو ٻوٽو، ڳاڙها يا ڪارا ٻير ڏيندڙ ٻوٽو.

waylay (وي لي) vt. to lie in ambush for; to attack or seize on the way; to lie in wait for, in order to converse with; to obstruct or intercept, اوچتي حملي لاءِ لڪي ويهڻ، رستي ويندي حملو ڪرڻ، جهلي وجهڻ، انتظار ۾ ٻيهي رهڻ، روڪڻ يا رستي ويندي جهلڻ، ٻيهڻ، انتظار ڪرڻ، وات جهلي ٻيهڻ، چِهه ماري ويهڻ، ترسڻ.

way leave (وي ليو) n. permission to pass over another's ground or property ٻئي جي زمين يا ملڪيت منجهان لنگهڻ جي اجازت، لنگهه، رستو، پيچرو.

way-maker (وي ميڪر) n. a pioneer; a precursor, باليڪار، پيشوا، اڳواڻ، آرليڪ.

waymark (وي مارڪ) n. a guidepost; something which serves as a guide to a traveller; to mark out (a path) with guideposts, signs etc, رستي ڏيکارڻ جو ٿنيو، رستي ڏيکارڻ جا نشان، نالن جا بورڊ، پيچرو، لنگهه، وات، دڳ، رستو، رستي جو نشان، رهنمائي نشان.

wayment (وي مينٽ) vt, vi & n. to lament, grieve; lamentation, grief, افسوس ڪرڻ، ڏک ڪرڻ، دانهون يا آهه زاري ڪرڻ، ڏک، غم، ارمان، افسوس، هاءِ هاءِ، واهه واهه.

way-out (وي آئوٽ) adj. excellent, very satisfying, exceptional; eccentric, unconventional, avant-garde, exotic; rapt, lost, carried away, orig in performing avant-garde jazz, نهايت سٺو، تمام خوش يا راضي ڪندڙ، غير معمولي، سؤدائي، غير رسمي، نون اصولن ٺاهڻ وارو، غير ملڪي، غلطان، گم ٿيل، کهلجي ويل، عام کان بهتر، بهترين موسيقي، سهڻي وڄت، سازن جي سَهڻي ۽ بهترين ٻيهڪ يا ٺهڪاءُ.

waypassenger (وي پيسينجر) n. one picked up or set down at a way station or an intermediate point on a coach or a bus route, گاڏيءَ يا لاريءَ جي رستي تي ايندڙ هنڌ يا جاءِ تان ڪجهه ڪنيل يا لاٿل مسافر، رستي وارو مسافر.

waypoint (وي پوائنٽ) n. a point for stopping, changing course on a journey, ٻيهڻ يا ترسڻ جو هنڌ، جڳهه جتان سفر جو رخ ڦيرائجي، ٻہ دڳي، ٽہ دڳي، چؤ دڳي.

ways and means (ويز اينڊ مينس) n. resources; methods of raising money for carrying on of government, وسيلا، ڍل، چنگي،ناڪو، محصول، ڪستر، حڪومت هلائڻ واسطي اهي طريقا جن ذريعي پيسا مؤجود ڪجن، محصول ڪٺي ڪرڻ جا طريقا، وسيلا ۽ طريقا.

wayside (وي سائيڊ) n, adj. the border of a way, path or highway; growing situated or lying near the way side, رستي، پيچري يا وڏي رستي جو ڪنارو يا حد، رستي جي ڪپ تي وڌندڙ يا ٻيٺل.

waystation (وي اسٽيشن) n. an intermediate station between principal stations, مکيہ ٻيهڻ جي هنڌن جي وچ وارا ننڍا ٻيهڻ جا هنڌ، ننڍي اسٽيشن، رستي جي اسٽيشن.

waytraffic (وي ٽريفڪ) n. local traffic, as distinguished from thorough or express traffic, مڪاني آمدرفت، ننڍي مفاصلي واري آمدرفت.

waytrain (وي ٽرين) n. a train stopping at most of the stations on a line, گاڏي جيڪا پنهنجي رستي تي گهڻين اسٽيشنن تي بيهي، لوڪل گاڏي، مقامي گاڏي، فيڊر گاڏي.

wayward (وي ورڊ) adj. wilful; capricious; irregular, چالي والي ڪرڻ وارو، ٻُورالو، ريچڪي، بي ريتو، غير پابند، هَرَ ترڙيو، هوڙهو، هوڏي، ضدي، پنهنجي رو، مت وارو، هرجائي، خود راءِ.

waywarden (وي وارڊن) n. a person elected to super-

vise the upkeep of roads in a district, ضلعي جي رستن جي مرمت ۽ کين ٺيڪ ٺاڪ رکڻ جي لاءِ نگهبان طور چونڊيل نمائندو.

waywiser (وي وائيزر) **n.** an instrument for measuring distance travelled, اوزار جنهن جي وسيلي مفاصلو معلوم ٿئي. مفاصلي ماپ اوزار، سٽنڪلي، ڦيٽ.

waza-ari (وازا آري) **n.** (in judo) a score of seven points or 'almost ippon', awarded for a throw not quite worthy of a maximum score (ippon) (Jap), جوڊو راند ۾ ستن پوائنٽن جو راند کٽڻ جو حساب، ذري گهٽ مڪمل طور کٽڻ، ڏهن مان ست پوائنٽون حاصل ڪندڙ.

wazir (وزير) **n.** a vazier (Ar), وزير، امير، حاڪم.

we (وي) **pron.** plural of I; I and others; used for I by monarchs; also used by editors, used when speaking patronizingly, esp to children, to mean 'you', منهنجو، مون ۽ ٻيا، اسان، اسان ۽ توهان، مان، وڏ مائهپائي جو ڳالهاءُ (اسان سڀ).

weak (ويڪ) **adj.** lacking strength; not able to sustain a great weight; easily overcome; frail; having poor health; feeble; lacking moral or mental force; impressible, easily led; lacking artistic force; uncovincing; inconclusive, inconsiderable; having little of the important ingredient; deficient in respect of; (of a verb) inflected by regular syllabic addition rather than by change of main vowel, طاقت گهٽ هجڻ، ڪمزور، گهڻو بار نه جهلي سگهندڙ، جلدي دسجي پوڻ وارو، ڏٻرو، ڪچو يا ٿاڪئون، مريض جان وارو، هيڻو، ٿسڻو، ڪمزور، ضعيف، رڇ، ٿبل، بي قوتو، اڻ سگهو، سستو، پوڻو، بي زورو، نربل، بل هيڻ، هلڪو، ڪومل، ڪهرو، ڪهلو، نازڪ (بدن)، جهڪو، جهيڻو (آواز)، پنگو، چڏو، ڪنگهو، ڪم عقل، آڪهو، سقيم، هلڪو، نرم، ملائم، اخلاق يا دماغي همت کان وانجهيل، پرمتڙيو، سؤلو بيوقوف بڻجي پوندڙ، ڪاريگريءَ واري طاقت نه رکندڙ، بي اثر، جلدي ڪٽي پوندڙ، پاڙيو، گيدي.

weaken (ويڪن) **vt, vi.** to make weaker; to reduce in strength or spirit; to grow weak or weaker; to become less resolute or determined, show signs of giving in, ڪمزور ڪرڻ، طاقت يا همت ۾ گهٽائڻ، وڌيڪ ڪمزور ٿيڻ، گهٽ پختو يا پڪي ارادي وارو، آڻ مڃڻ، ست زور گهٽائڻ، ڪمزور ڪرڻ، اڳهائڻ، لانجهوپڻ، ضعيف ٿيڻ، هيڻو ڪرڻ.

weaker sex (ويڪَر سيڪس) **n.** women عورتون، زالون، زالڦالون، ناريون، مائيون، ٻائيون.

weaker vessel (ويڪَر ويسل) **n.** a woman عورت، زال، زالڦان.

weak-eyed (ويڪ آئيڊ) **adj.** having weak eyes or sight, ڪمزور اکين (يا ديد) يا نظر وارو.

weak fish (ويڪ فش) **n.** any of a group of weak-mouthed food-fish of the genus, مڇيءَ جي جنس.

weak-handed (ويڪ هئنڊيڊ) **adj.** powerless بي طاقتو، ڪمزور، نِبل، ضعيف، لانجهو، ڪوتاهه.

weak-headed (ويڪ هيڊيڊ) **adj.** having a feeble intellect; easily affected by alcoholic liquor, ڪمزور ذهن وارو، ڪند ذهن، ڪم عقل، جلدي نشي ۾ ايندڙ.

weak-hearted (ويڪ هارٽيڊ) **adj.** of weak spirit; soft hearted, ڪمزور روح، نرم دل ، ڪم همت دل جو هيڻو.

weak interaction or force (ويڪ انٽرايڪشن آر فورس) **n.** an interaction between particles complete in about 10-10 seconds, such interactions involving neutrinos and anti-neutrinos and being responsible for radioactive B-ray decay, جُزن جي وچ ۾ اثر، اهڙا ٿيندڙ اثر جن ۾ مضبوطيءَ سان بيٺل بنيادي جزا ٻڙي درجي واري بجلي جي اثر وجهڻ سان ۽ ٻڙي درجي واري چالي سان اٽڪڻ سان، بجلي جي رفتار سان هلن ٿا ۽ ساڳيءَ ريت سندن مخالف جزا اڻين ڪم ڪن ٿا جنهن سبب انهن ۾ بجليءَ جي لهر اچي وڃي جيڪا منجهن ڳري وڃڻ جي حالت آڻي ٿي، هلڪي زور تي ڳري ويندڙ مادا.

weak-kneed (ويڪ نيڊ) **adj.** having weak knees or a feeling of faintness; weak-willed, a feeble, pusillanimous ڪمزور گوڏن وارو، ڀاڙي، گيدي، ڪمزور ارادي وارو، ڏٻرو، ڪانئر، بي همت، ڪند ذهن، ڪم عقل.

weak moment (ويڪ مومينٽ) **n.** a moment when one is over-easily persuaded or tempted, ڪمزوريءَ واري گهڙي، نازڪ وقت، گهڙي يا پَلُ جڏهن تمام گهڻي آسانيءَ سان مڃائي سگهجي، هرڪجي پوڻ.

weakness (ويڪ نيس) **n.** the state of being weak; a flaw, shortcoming; a liking or fondness, ڪمزوري، هلڪائي، نربلتا، ضعيفائي، ضعف، ڪم همتي، لانجهه، هيڻائي، خامي، عيب، وڏ، ڪوتاهي، پسندي يا شوق، حب ۽ اڪير، ڪچ، سستي، ڪنگهائي، (ڪنهن شيءِ لاءِ) دل وَهي وڃڻ، وسڪڻ، هرڪڻ.

weak side or point (ويڪ سائيڊ آر پوائنٽ) **n.** that side or point in which a person is most easily influenced or most liable to temptation, (ڪمزوري يا ڪوتاهي) جنهن ڪري ڪو شخص تمام آسانيءَ يا سؤلائيءَ سان مڃي وڃي.

weal (ويل) **n.** the state of being well; a sound or prosperous state; welfare; commonwealth; a raised streak left on the skin by a blow with a lash, ڪشل، سک، سکيو ستابو، سالم، آباد ۽ ساٺو هجڻ، خوشحالي، خيريت، عام ڀلائيءَ لاءِ قائم ڪيل، ملڪن جي چؤياري، چمڙيءَ تي لڳل چهبڪ جي ڏک جو نشان، ڪوڙي جو نشان، وڏو، ڏلو، چٽو، خوشي، تندرستي، آسودگي، ڪلياڻ.

weald (ويلڊ) **n.** open country or wooded country, کليل ڀهراڙيءَ جو علائقو. ولڪار. ٻيلن وارو ملڪ. ٻيلو. جهنگ. ويران. جهنگل. جهنگل وارو ملڪ.

wealden (ويلڊين) **adj, n.** pertaining to the weald; denoting a series of freshwater beds at the base of the Cretaceous, seen in the Weald (district once forested, between North and South Downs), ولڪار ۽ کليل فضا واري علائقي جو. تازي پاڻيءَ سان پريل. وادين جي پيٽن جون قطارون. (آمريڪا جي) جهنگلي علائقن ۾ پاڻيءَ جون کڏون ۽ چشما.

wealth (ويلٿ) **n.** valuable possessions of any kind; riches; the condition of being rich; prosperity; well being; an abundance or plenitude, قيمتي ملڪيت واريون شيون. دولت. ڌن. مالي. ڌرا. ڌراوت. مايا. ناڻو. ملڪيت. موڙي. دولت مند. شاهوڪار. شاهوڪاري. سجيهه. ترقي يا اقبال. خيريت يا بهبودي. گهڻائي. ججهائي. سمپت.

wealthy (ويلٿي) **adj.** rich; prosperous, شاهوڪار. وڏي درجي تي پهتل. دولت مند. سرمائيدار. ڀاڳيو. دنيادار. تونگر. جوڀ. سمپتي. مالدار.

wean (وين) **vt.** to accustom (a baby or young animal) to nourishment other than the mother's milk; to reconcile to doing without any accustomed thing, eschewing a former habit, child, ٻار يا ننڍي جانور کي هيرائڻ. (هڪ ٻار جو) هير ڇپل شيءِ کائڻ ٻئي ڪنهن طريقي سان سرچجي يا ريجهي پوڻ. پراڻي ۽ اڳوڻي هير کي ڇڏي ڏيڻ. (سنگت. علت) ڇڏائڻ. ٿڃ يا ٿڻ ڇڏائڻ. عادت ڇڏائڻ. ٿڻ ڇڏڻ.

weanling (وينلنگ) **n, adj.** a child or animal newly weaned, نئون هيرايل ٻار يا جانور. ٿڻ ڇڏايل ٻار يا جانور. کير ڇڏايل ڦر. لڙيل ڦر. آتوڙ. لڪيڙ.

weaning brash (ويننگ برش) **n.** a severe form of diarrhoea that sometimes occurs on weaning, ٿڃ ڇڏائڻ مهل دست ني پوڻ. ڦرن جا سخت دست. تيڪ.

weapon (وپن) **n.** any instrument of offence or defence, هٿيار. (ڌوهه يا بچاءُ ڪرڻ جو) اوزار يا هٿيار. شستر. سلاح.

weaponless (وپن ليس) **adj.** having no weapons, هٿيار نہ هجڻ. شستر هين. ري هٿيار. بي هٿيار. هٿين خالي.

weaponry (ويپنري) **n.** weapons collectively; armament, هٿيار. جنگي سامان. ويڙهہ يا مقابلي ڪرڻ جا هٿيار پنهوار.

weapon salve (وپن سَالو) **n.** a salve supposed to cure a wound by being applied to the weapon that made it, ليپ يا ملر جيڪو زخم ڪندڙ هٿيار کي لڳائبو آهي تہ ڦٽ چٽي.

wear[1] (ويئر) **vt, vi.** to be dressed in; to carry on the body; to arrange (one's clothes) in a specified way; to display, show; to exhibit; to carry the burden of (one's age, years, experience) lightly; (of a ship) to fly a flag; to consume, waste or damage by use, time or exposure; to make or render by friction or constant use; to exhaust, to weary; to bring gradually; to introduce (an idea) little by little; to enable to last, endure; to waste away by use or time; to be reduced or impaired little by little; to be in fashion; to become, to go, move or progress slowly, چوڙڻ. ڍڪڻ. پائڻ. اوڍڻ. پهرڻ. گاٺ. ڳاٺ. پيٺ. گسڻ. جتاءُ ڪرڻ. گذرڻ. ظاهر ڪرڻ. ٽڪجڻ. پهرجڻ. ڪپڙا پائڻ. مظاهرو ڪرڻ. ڏيکاءُ يا نماءُ ڪرڻ. پنهنجي عمر ۽ آزمودي جو اظهار ڪرڻ. جهاز تي جهنڊو جهولائڻ. کپائڻ. ٽڪل يا بيزار ٿيڻ. هوريان هوريان آڻڻ. (خيال يا رٿ). ٿورو ٿورو ڪري پيش ڪرڻ. جتاءُ ڪرڻ. هلڻ ڏيڻ. چٽڻ يا اڳتي وڌڻ. (منهن) خراب ڪرڻ. ڍامڻ. ٺٺائڻ. کسائڻ. چور ڪرڻ. ٽڪائڻ. پيچڻ. کپڻ. کهجڻ. چڙڻ. آهستي آهستي کهنجي.

wear[2] (ويئر) **vt, vi.** to alter the course of (a ship) or to alter course by turning the stern to windward in manoeuvre opp to tackling, جهاز جو رخ ڦيرائڻ. سندس ڪوهي کي هوا جي پاسي ڪرڻ. (سکان ذريعي جهاز کي) هڪڙي پاسي کان ٻئي طرف ڦيرائڻ.

wear[3] or **weir** (ويئر آر ويئر) **vt, vi.** to guard; to ward off, پهرو ڏيڻ. روڪڻ. ٽارڻ. هٽائڻ. بچائڻ.

wear and tear (ويئر اينڊ ٽيئر) **n.** damage by wear or use, (پهرڻ يا استعمال ڪرڻ سبب ٿيل) زيان يا نقصان. گاٺ. گاٺ پيٺ. چوڙ. پڳ ٽٽ. گسڻ. رگڙ.

wear down (ويئر ڊائون) **vi, vt.** to reduce or impair, or be reduced or impaired, by constant use or friction; to diminish or overcome gradually by persistence, گهٽائڻ. نقصان رسائڻ. کهنجڻ. خراب ٿيڻ. آهستي آهستي ختم ٿي وڃڻ. استعمال ڪري ختم يا بيڪار ڪرڻ. (گاٺ پيٺ ۾) گسي ختم ٿيڻ. چوڙڻ. گسڻ. رگڙجڻ.

wearing (ويئرنگ) **adj, n.** made or designed for wear; exhausting; consuming; the process of wasting by attrition or flying; durability; the process of passing; that which is worn, clothes, پهرڻ واسطي ٺاهيل. کپائڻ. ختم ڪرڻ. گسائڻ. اڏارڻ. وڃائڻ. جتاءُ. گذارڻ جو طريقو. ڪپڙا. پوشاڪ. استعمال ڪري ختم ٿيندڙ.

wearing apparel (ويئرنگ اپرل) **n.** dress, پوشاڪ. ڪپڙا.

wearing iron (ويئرنگ آئرن) **n.** an iron plate to take the wear due to friction, (استعمال جي ڪري ٿيندڙ نقصان کان بچائيندڙ) لوهي تختي. بچاءُ چادر. بچاءُ پٽي.

wearish (ويئرش) **adj.** tasteless, savourless, insipid, بي سواد. بي مزو. ڦڪو. بي لطف. آلولو. بي ذائقو. بي لذت.

wearisome (ويئريسم) **adj.** causing weariness; tedious,

ٽڪائيندڙ. ڏکيو. اؤکو. ٿڪائتو. ٿڪائو. ڪٺو. ڏاڪڙائون. ورچائو. تڪليف ڏيندڙ.

wear off (ويئر آف) **vi.** to rub off by friction; to diminish by decay; to pass away by degrees, گسڻ ڪري گھٽجڻ. استعمال ٿيڻ سبب گھٽجي پوڻ. درجي بدرجي ختم ٿي وڃڻ. گھٽ ٿيڻ. گھٽجڻ. گسڻ. جڙڻ. رڳڙڻ. ختم ڪرڻ.

wear on (ويئر آن) **vi.** (of time) to pass by, esp tediously وقت جو (مشڪل سان) گذري وڃڻ.

wear out (ويئر آئوٽ) **vt, vi.** to impair by use; to render or become useless through age, use or decay; to exhaust or consume; to harass or tire utterly, استعمال سبب جُھري پوڻ. وڏي عمر يا وقت گذرڻ ڪري جھڪو ٿي وڃڻ. استعمال ٿيڻ سبب خراب يا بيڪار ٿي پوڻ. کپي يا ختم ٿي وڃڻ. تمام گھڻو ستائڻ يا ٿڪائڻ. (ڀنيءَ کي) گھڻو ڪتب آڻي لڪمو ڪرڻ. لستو ڪرڻ.

wear thin (ويئر ٿن) **vt, vi.** to become thin or threadbare through use; (of patience) to diminish with excessive calls on it; (of excuses) to become less convincing through over-use, استعمال سبب ڳري وڃڻ. گسي وڃڻ. صبر جو گھٽجي وڃڻ. بهانن جو بيڪار ٿي وڃڻ. ٽڪنون تار ٿيڻ. صبر جو پيمالو لبريز ٿيڻ.

wear through (ويئر ٿرو) **vi.** to develop a hole through friction or intensive use, گسائڻ. گھڻي استعمال ڪرڻ سان ٽنگ يا سوراخ ڪري وجھڻ. گسي ختم ٿي وڃڻ.

weary (ويئري) **adj, vt, vi.** having one's strength or patience exhausted; very tired; causing weariness; tiresome; tedious; puny; to make weary; to reduce the strength or patience of; to harass; to become weary or impatient; to long; a curse, ڳهيل. ڪهيل. هڄيل. ماندو. ٿڪل. بيزار. ڦان. ڦسڻ. ٿڪائڻ. اوٻجڻ. ورچائڻ. صبر ختم ٿيڻ. تمام ٿڪل. ٿڪاوٽ آڻيندڙ. ٿڪائيندڙ. ڏکيو يا اؤکو. ٽنيڙو. ڪک يا بيزار ڪرڻ. ستائڻ يا آزارڻ. ٻرّ يا بي صبرو ٿيڻ. خواهش ڪرڻ يا سِڪڻ. پاراتو. دق. ڪهجڻ. ڪڙڻ. ورچڻ.

weasand (ويزنڊ) **n.** the gullet; the windpipe; the throat, نڙگھٽ. ساھ ڪڻ جي نلي. نڙي. گلو.

weasel (ويزل) **n, vi.** a small carnivore with long slender body, active, furtive and bloodthirsty, eating frogs, birds, mice; any of various related species; a furtive, treacherous or sly person; a small amphibious military vehicle for carrying personnel or supplies; to equivocate; to extricate oneself from or circumvent, esp indefensibly, نور جانور. رت جو پياسو. نور جانور. ڪتوري نور. برفاني ڪتوري نور. لڪل. ڳجھو دشمن. دغاباز. مڪار. خفتي شخص. هڪ ننڍڙي فوجي گاڏي. ڏکين حالتن مان پنهنجي جان ڇڏائڻ.

weasel cat (ويزل ڪيٽ) **n.** a civet-like animal of Borneo and Java, the linsang, مشڪ ٻلي جهڙو جانور. بورنيو جو جانور. بورنيو جو ڪتوري نور ٻلو.

weasel coot (ويزل ڪوٽ) **n.** the female or young male of the smew, a sea bird, سميوَ نالي سامونڊي پکيءَ جي مادي يا ننڍو نر ٻچو. سامونڊي ڊگوش بدڪ جي مادي.

weasel out (ويزل آئوٽ) **vi.** to evade obligation, پنهنجي فرض ادائيءَ کان ڪنڌ ڪڍائڻ. ذميواريءَ کان ڀڄڻ. ٽارائڻ. ٽارڻ. لنوائڻ.

weasel word (ويزل ورڊ) **n.** a word that makes a statement evasive or misleading, orig a word used illegitimately in conjunction with another word rendering it meaningless or sucking its meaning from it as a weasel sucks out the contents of an egg, لفظ جنهن سان ڪو بيان ٽارائڻ جهڙو يا گمراھ ڪندڙ ٿي پوندو آهي. ان قسم جو لفظ جملي ۾ استعمال ڪري ان جملي جو مقصد ختم ڪرڻ. نور واري حالت ڪرڻ.

weather (ويدر) **n, vt & vi.** atmospheric conditions in terms of heat or cold, wetness, cloudiness; type of atmospheric conditions; vicissitude of fortune; formerly, a storm or adverse weather; the direction in which the wind is blowing; the angle the sail of a windmill makes with perpendicular to its axis; to affect by exposing to the air; to put (a hawk) out of doors on a perch in fine weather; to sail to the windward of; to gain or pass; to come safely through (a storm); to set to slope; to become discoloured, disintegrated by exposure, رُت. مُند. هوا جي حالت. طوفان. طوفان زدو. ڏڏيءَ ڪوسيءَ ۾ آزمايل. موسم يا آب هوا جي صورتحال. گرمي. سردي. ڪهر. جهڙالي. موسمي يا آب هوا جي حالتن جو نمونو. قسمت جون لاهيون چاڙهيون. طوفان يا مخالف هوا. جنهن رخ کان هوا لڳي يا ڪهلي. هوائي چڪيءَ جو سڙهه. هوا آڏو بيهڻ سبب اثر. باز کي کلي هوا ۾ ويهارڻ. حاصل ڪرڻ يا لنگهي وڃڻ. (طوفان مان) سلامت لنگهي اچڻ. ليٽائي بيهارڻ. رنگ بگڙجي وڃڻ. چڙوچڙ ٿيڻ. ڳتي خور (مالهو). رُت گياني. موسم شناس. (جهاز جو) متارو وڃڻ. موسمي حالت. لاهيءَ ۾ رکڻ.

weather along (ويدر الانگ) **vi.** to make headway against adverse weather, مخالف موسم تي فتح پائي اڳتي وڌڻ. خراب موسم ۾ اڳتي هلڻ. خراب حالتن ۾ اڳتي وڌڻ.

weather a point (ويدر اي پوائنٽ) **vi.** to gain an advantage or accomplish a purpose against opposition, (مخالفت هوندي به) ڪو فائدو حاصل ڪرڻ. مقصد پورو ڪري وٺڻ.

weather beaten (ويدر بيٽن) **adj.** damaged, worn away or seasoned by the weather; (of someone's skin or face) tanned or lined from prolonged exposure, آب هوا جي ڪري نقصان رسيل. آب هوا جي اثر ڪري ڳري يا جُھري

وجھ. چمڙيءَ يا منھن جو رنگ متجي وڃڻ. طوفان يا ھوا جو ستيل. لوسائيل. لھسجيل. طوفان زدو. تذيءَ ڪوسيءَ بر آزمايل.

weather-bitten (ويدر بِٽن) **adj.** worn or defaced by exposure to the winds, ھوائن جي سامھون رھڻ سبب ڳري، جھري يا بدشڪل ٿي پوڻ.

weather board (ويدر بورڊ) **n, vt.** the windward side of a ship; a plank in the porthole, of a vessel placed so as to keep off rain, without preventing air from circulating; a board shaped so as to shed water from a building; to fit with such planks or boards, جھاز جو ھوا رخ وارو پاسو. جھاز يا ٻيڙيءَ جي دريءَ مٿان لڳل تختي (جيڪا پاڻي روڪي مگر ھوا جو گذر رھي). جاءِ کي بارش جي پاڻيءَ کان بچائڻ لاءِ لڪتل ڇڄو يا ڇڄھري.

weather boarding (ويدر بورڊنگ) **n.** thin boards placed overlapping to keep out rain; to exterior covering of a wall or roof, سنھن تختن کي ٻاھر وڌائي مٿڻ (جيئن پاڻيءَ کان جاءِ جو بچاءُ ٿئي). ڪنھن ڇت جي ٻاھرين ڪانس. ڇڄو يا ڍڪ.

weather bound (ويدر باؤنڊ) **adj.** detained by bad weather, (خراب موسم سبب) روڪجي پيل يا رھجي ويل. ترسايل.

weather cloth (ويدر ڪلاٿ) **n.** a protecting tarpaulin on deck, جھاز جي عرشي کي ڍڪڻ يا بچائڻ لاءِ تلھي ڪپڙي جي چادر. ڪتان جي چادر.

weather cock (ويدر ڪاڪ) **n, vt.** a vane in the form of a cock to show the direction of the wind; someone who changes his or her opinions, allegiance, easily and often; to serve as a weather cock for; to supply with a weather cock; to behave like a weather cock, ڪڪڙ جي شڪل جو واءُ پرکڻو يا باد نما. پنھنجو رايو يا وفاداري سولائيءَ سان ڦيرائيندڙ. باد نما يا ھوائي ڪڪڙ وانگر ڪم ڪرڻ. ھوائي ڪڪڙ لڳائڻ. ھوائي ڪڪڙ وانگر ھلت ڪرڻ. جيڏانھن جي ھوا اوڏانھن جو رُخ. ڦرلو ڦرلو مائھو. لوٽو.

weather driven (ويدر ڊرون) **adj.** driven by winds or storms, ھوائن يا طوفانن جو گھلي آندل يا ڪجي ويل.

weathered (ويدرڊ) **adj.** having the surface altered in colour, form, texture or composition by the action of the elements; seasoned by exposure to weather; made slightly sloping so as to throw off water, سطح، رنگ، صورت، اٽت يا بناوت جو آب ھوا جي اثر ڪري بدلجي وڃڻ. ڦٽڻ. آب ھوا جي اثر سبب پڄي راس ٿيل. ٿورو لھوارو ڪيل. موسمي حالتن ڪري رنگ لھي وڃڻ. پاڻيءَ کي وھڪرو ڏيڻ.

weather eye (ويدر آءِ) **n.** the eye considered as the means by which one forecasts the weather; an eye watchful for developments as in *keep one's weather eye open*, ماھر جي اک جنھن جي وسيلي موسم بابت اڳ ڪٿي ڪجي ٿي. ماھر جي اک جيڪا ٿيندڙ تبديلين کي خبرداري سان جاچي ٿي.

weather-fend (ويدر فينڊ) **vt.** to defend from the weather, to shelter, سخت موسم (گرمي ۽ سخت سردي) کان بچائڻ يا ڍڪڻ. پناھ ڏيڻ.

weather forecast (ويدر فورڪاسٽ) **n.** a forecast of the weather based on meteorological observations, مليل معلومات جي آڌار تي آب ھوا بابت اڳڪٿي ڪرڻ. موسمن بابت اڳڪٿي ڪرڻ. موسمي پيشن گوئي. ھوا جي ڦير گھير جي اڳڪٿي.

weather gage or gauge (ويدر گيج) **n.** the position of a ship to the windward of another; advantage of position, an instrument for measuring weather conditions, (پاڻي واري جھاز جي) ٻئي جھاز جي ھوا جي پاسي ڏانھن نسبت. ھوا طرف ٻيھڪ جو فائدو. موسم پرکڻو. موسم ماپڻو.

weather glass (ويدر گلاس) **n.** a glass or instrument that indicates the changes of the weather, a barometer, ھوا جي داب ٻيروميٽر. مقياس ھوا. ھوا پيما. موسم نما. ڏيکارڻ جو شيشي وارو اوزار. ھوا جاچڻ جو اوزار.

weather gleam (ويدر گليم) **n.** a bright aspect of the sky at the horizon, افق واري ھنڌ تي روشن ڏيک يا نظارو.

weather helm (ويدر ھيلم) **n.** a keeping of the helm somewhat to the weather side when a vessel shows a tendency to come into the wind, (طوفان يا خراب موسم ۾) پاڻي واري جھاز جي سڪان جو ھوا رخ ٻيھارڻ.

weathering (ويدرنگ) **n.** the action of the elements in altering the form, colour, texture or composition of rocks; seasoning by weather; a slight inclination given to the top of a cornice or moulding to prevent water from lodging on it; the act of passing to windward of a coastal feature, obstacle or other vessel; weather conditions, موسمي اثرن سبب لڪرن ۾ ڪاٽ. موسمي اثر. موسمي حالات جو اثر. موسم متاثر لڪر. پچ ڏاھر. آب ھوا ڪري پڄي راس ٿيڻ. ڪنھن ڪانس يا بناوت ۾ ڪنگرن کي سنڌن چوٽيءَ وٽ ٿوري لاھي يا لھواري ٻيھڪ ڏيڻ. سامونڊي ڪناري جو ھوا طرف ھُٽڻ ڪري ڪاٽ وارو ٿيڻ. الڪ يا ٻئي جھاز يا ٻيڙيءَ جي پاسي ٿي پوڻ. آب ھوا جون حالتون.

weather map (ويدر ميپ) **n.** a map indicating meteorological conditions over a large tract of country, نقشو جيڪو آب ھوا جون حالتون ڏيکاري. موسمي نقشو. موسمي خاڪو. موسميات جو نقشو.

weather meter (ويدر ميٽر) **n.** an instrument for determining the weather-resisting properties of paints or other surfaces, رنگن ۽ مٿاڇرن جي آب ھوا جي اثر جھلڻ جي طاقت جو اندازو لڳائڻ جو اوزار. رنگن تي آب ھوا جو اثر پڌائيندڙ پيما. رنگ پيما.

weather out (ويدر آئوٽ) **vi.** to hold out against or ride out (a storm or stormy situation) till the end, طوفاني صورتحال سان مقابلو ڪرڻ، تڪليف ده صورتحال ۾ به آخر تائين منهن ڏئي بيهي رهڻ.

weatherproof (ويدر پروف) **adj.** proof against rough weather; weatherproof material or a weatherproof garment; to make weather proof, خراب موسم خلاف بچاءُ واري پوشاڪ، آب هوا مطابق پوشاڪ، هوا کان بچائڻ جو بندوبست، موسم جو اثر روڪيندڙ پوشاڪ، موسم روڪ، موسم جهل پوش.

weather satellite (ويدر سيٽلائيٽ) **n.** a satellite used for the study of cloud formations and other meteorological conditions, موسمي اپ گرهه (جيڪو ڪڪرن جي ٺهڻ ۽ ٻين موسمي حالتن جي جاچنا واسطي استعمال ڪجي ٿو)، موسمي سيارو.

weather sign (ويدر سائن) **n.** a phenomenon indicating change of weather; any prognostic, قدرتي ڏيک، ڪوئي موسمي اهڃاڻ، موسم جي تبديليءَ جا اهڃاڻ.

weather stain (ويدر اسٽين) **n.** discoloration produced by exposure, اس ۾ رکيل شيءِ جو ڦٽل رنگ، موسمي داغ.

weather station (ويدر اسٽيشن) **n.** a station where phenomena of weather are observed, جاءِ جتي آب هوا جا رنگ روپ جاچيا وڃن، موسمي رسد گاهه، موسمي اطلاع گاهه.

weather strip (ويدر اسٽرپ) **n.** a thin piece of some material fixed along the edge of a window or door, to keep out wind and cold, ڪنهن مادي جو سنهو پردو جيڪو دريءَ جي ڪناري تي لڳائي هوا ۽ ٿڌ کي روڪجي.

weather the storm (ويدر دي اسٽارم) **vi.** to come safely through a period of difficulty etc, ڏکئي وقت مان سلامتيءَ سان پار پوڻ، منهن ڏئي سويارو ٿيڻ.

weather window (ويدر ونڊو) **n.** a period of time in which the weather is suitable for a particular purpose, eg oil-drilling; any restricted period during which the opportunity should be seized for getting something done, وقت جنهن ۾ آب هوا ڪنهن خاص مقصد لاءِ مناسب هجي، سٺي موسم جو فائدو وٺڻ، موقعي مطابق عمل ڪرڻ، مهلائتو قدم کڻڻ.

weather-wise (ويدر وائيز) **adj.** skilful in foreseeing the changes of the weather; quick to sense what turn events will take; with regard to weather conditions, آب هوا جي ڦير ڦار کي اڳواٽ سمجهندڙ ماهر جيڪو بڌائي ته آبهوا جون حالتون ڪهڙو رخ وٺنديون، موسم ٻين، موسم دار.

weather-worn (ويدر وورن) **adj.** worn away or damaged by wind, storms etc, هوا، طوفان وغيره سبب ڪاٽجي ويل يا نقصان رسيل، هوا سٽيل، طوفان ماريل، موسمي حالتن ڪري ضايع ٿي ويل.

weave[1] (ويو) **vi, vt.** to make (cloth, tapestry, basket work) by crossing threads, strands, strips above and below one another; to interlace; to depict (figures) in woven work; to combine, mingle or work together into a whole; to introduce (an ingredient or element) subtly (into something); to construct, fabricate or contrive; to practise weaving, ڪپڙو اُڻڻ، پرت، ڦلڪاري، پريل پردا، لوڪريون ناهڻ جو ڪم، ڌاڳن تندن، سڙن، پٽن کي ورائي ناهڻ، ڌاڳا ٻڌڻ، الٽ جي ڪم ۾ رنگ پرڻ، چٽڻ، ڳنڍڻ، ملائڻ، چالاڪي سان داخل ڪرڻ، تعمير ڪرڻ، گهڙڻ، تيار ڪرڻ، گهاڙ، ترتيب، بناوت جوڙڻ يا حرفت هلائڻ، (پنهنجي) ڳالهه بنائڻ، ناهڻ، اڻڻ، ترتيب ڏيڻ، ڪوريڪو ڪم.

weave [2] (ويو) **vi, vt.** to move to and fro; to wind in and out; to move back or forward with sinuous movements of the body; to fly a winding course; to make a signal to by waving something, هيڏانهن هوڏانهن هلڻ چلڻ، اندر ۽ ٻاهر ڦيرو ڏيڻ، لهردار نموني سان هلڻ، ڦيري واري رستي اڏرڻ، چرڻ ڦرڻ، اشارو ڪرڻ، ڪنهن شيءِ کي لوڏڻ (اشاري طور).

weaver (ويور) **n.** someone who weaves; any bird of a passerine family resembling the finches, so called from their remarkable woven nests, اُڻندڙ، ڪوري، پٽ ڪار، جهرڪيءَ جهڙو، آکيرو ٺاهي رهندڙ ٻوڙي پکي، هيڊي مٽي واري جهرڪي، جهار پکي.

weaver bird (finch) (ويور برڊ (فنچ)) **n.** a weaver or, less commonly, a weaver finch آکيرو اُڻندڙ پکي، ٻوڙي پکي، ٻير پکي، هيڊي مٽي واري جهرڪي، روڏو پکي.

weaving (ويونگ) **n.** the act or art of making cloth or a 'web' by the intersecting of two distinct sets of fibres, threads or yarns, those passing longitudinally from end to end of the web forming the warp, those crossing and intersecting the *warp*; at right angles forming the weft, ڪپڙي يا جاري ناهڻ جو ڪم، تاڃي پيٽي سان الٽ ڪرڻ، (ڌاڳن کي) هڪ ٻئي جي وچان لنگهائڻ، الٽ ذريعي جاري يا ڪپڙو ناهڻ، اڻڻ، اوچ، الٽ، الٽپ، اڻاوت.

web (ويب) **n, vt.** the fine structure of gossamer threads spun by a spider to entrap insects; that which is woven; a whole piece of cloth as woven in the loom; a kind of cloth or weave; a thin metal plate or sheet; (in paper-making) an endless wire mesh working on rollers; a large sheet or roll of paper; the skin between the toes of waterfowl, in birds, the vexillum of a feather; any connective tissue; the surface between the ribs of a vaulted

roof; a narrow connecting section between two stouter parts; a film over the eye; anything like a cloth web in its complication or a spider's web in its flimsiness or power to entangle; a plot, snare, intrigue or fabrication; to envelop or to connect with web, جارو، تانڻزو، تاجي، ٽڪي، جهلي، ڪپهه جو پهو، پوٺي، جاري، تالي، ڪپڙو، ٿانءُ، تاڪيو، ڪوريئڙي جو جار، سنهي ڌاتوءَ جي چادر، وڏي چادر يا ڪاغذ جو ويڙهو، پاڻيءَ جي پکين جي پيرن جي وچ جو جار، پکين جي پرن جو کنڀ وارو حصو، اک جو جاري دار پردو يا جهلي، ڪپڙي جي جاري، ڪوريئڙي جي جاري، منصوبو، سازش، دوکو، دلبو، چوڻ، ڪوڙي بناوت ۽ ٺاهه، جار سان ويڙهڻ يا ڳنڍڻ.

webbed (ويبڊ) **adj.** having a web; (of the toes or fingers) partially joined together by a membrane of skin, جار يا جاريءَ وارو، جاريدار پيرن وارو، جاريدار چنبن وارو، جهليدار، پردائون، پردائين پير دار، جهليدار پير، پاڻيءَ ۾ رهندڙ پکين جا پير.

webbing (ويبنگ) **n.** a woven strip of hemp, used for belts, for various purposes in upholstery and as tapes conducting webs of paper in a printing-machine; the condition of being palmate or hand-shaped, palmation; the webs of webbed hands or feet, سڻيءَ جو پٽو يا ڦرهو، جهليدار پير شڪل، جڙيل (هٿن يا پيرن جون) جاريون، لواڙ، ڇپائيءَ جي مشين ۾ پني کي ڪشي هلندڙ جاري يا سٽاءُ.

weber (ويبر) **n.** the MKS unit of magnetic flux, مقناطيسي وهڪ ايڪو.

web foot (ويب فوٽ) **n.** a foot the toes of which are united with a web or membrane, پير جنهن جا پب جاريءَ يا ماس جي پردي يا جهليءَ سان جڙيل هجن، جهليدار پير، پردائون پير، جاريدار پير.

web offset (ويب آفسيٽ) **n.** a method of offset printing using a reel of paper, ريلن رستي ڇاپڻ جو طريقو، پني جي لاڳيتي چادر واري ڇپائي.

webster (ويبسٽر) **n.** a weaver, ڪوري، اڻڻ وارو، اڻندڙ.

web wheel (ويب ويل) **n.** a wheel in which the rim, spokes and centre are formed from one single piece of material; a wheel with a web or plate instead of spokes, جاريدار ڦيٿو، بنا تارن جي ڦيٿو، ڪار يا گاڏي جو عام ڦيٿو.

web worm (ويب وَرم) **n.** any of a number of caterpillars that spin webs in which they feed or rest, جاريءَ وارو ڪينئون، پٽ ڪينئون، تاجيءَ وارو جيت، سوبٽ.

wecht (ويهٽ) **n.** an instrument for winnowing or for measuring grain, اوزار جنهن سان ان کي واڱري بهه تهه ڌار ڪجي، ڪارائي، ان ماپڻ جو ماپو.

wed (ويڊ) **vt, vi.** to marry; to join in marriage; to unite closely; to wager; to marry, پرڻجڻ، ويجهو ٿي گڏجي وڃڻ، داءُ يا شرط بڌڻ، شادي ڪرڻ، نڪاح وجهڻ.

wedded (ويڊيڊ) **adj.** married; of or pertaining to marriage; closely joined; persistently devoted, شادي ڪيل، شادي شده، شاديءَ سان واسطو رکندڙ، ڳنڍيل، لڳاتار وفادار رهندڙ، ڇهٽيل، پوئلڳ.

Weddell seal (ويڊل سيل) **n.** a large brown seal of Antarctic waters, that winters under the ice, gnawing through it to create breathing holes, سيل جانور (جيڪا برف اندر رهي ٿي ۽ برف ڪٽي ساهه کڻڻ لاءِ سوراخ ڪري)، لڏڙي جهڙو ٿڌي پاڻيءَ جو جانور.

wedding (ويڊنگ) **n.** marriage; marriage ceremony شادي، شاديءَ جي تقريب، وهانءُ، پرڻو، نڪاح، شاديءَ يا نڪاح جي رسم.

wedding cake (ويڊنگ ڪيڪ) **n.** a highly decorated cake served at a wedding and also divided among absent friends, خاص شاديءَ جي موقعي لاءِ تمام گهڻو سينگاريل ڪيڪ، خاص تيار ڪيل ڪيڪ.

wedding cards (ويڊنگ ڪارڊس) **n. pl.** cards announcing a wedding, sent to friends, شاديءَ جو ڪارڊ، شاديءَ جو دعوت نامو، ڪوٺ، سڏ، نينڊ.

wedding favour (ويڊنگ فيور) **n.** a white rosette worn by men at a wedding, گلاب جي گل جهڙو زيور، اڇو گلاب.

wedding march (ويڊنگ مارچ) **n.** music in march time played as the bride's part enters the church and at the close of a marriage ceremony, (شاديءَ جو) سرگس، چرچ ۾ ڪنوار جي اچڻ ۽ وڃڻ وقت وڄايل موسيقيءَ جي ڌُن.

wedding ring (ويڊنگ رنگ) **n.** a usu plain, gold ring given by the groom to the bride at a wedding; a ring of the same or similar type given reciprocally by the bride to the groom, (سون جي) شاديءَ جي منڊي، شاديءَ واري موقعي تي گهوٽ ۽ ڪنوار جي هڪ ٻئي کي پاتل سوني منڊي يا ويڙهه.

wedeln (ويڊيلن) **n, n.pl. vi.** a style of downhill skiing in which the skis, kept parallel and close together, are swivelled rapidly from side to side; such swivelling movements; to execute wedeln on a downhill run, برف واري جبل جي لاهيءَ ۾ برف تان ڊوڙڻ وارو هڪ طريقو، برف جي ٽڪريءَ جي لاهيءَ ۾ ڏڪ ڊوڙ جو نمونو، برف تان گسڪڻ جو طريقو.

wedge (ويج) **n.** a piece of wood or metal, thick at one end and sloping to a thin edge at the other, used in splitting or fixing tightly, anything shaped more or less like a wedge eg a formation of troops, the fly-

ing formation of geese and other wildfowl, a piece cut from a circular cake, a stroke in cuneiform characters or an ingot of gold or silver; any v-shaped sign used in notation or as a diacritic; an iron-headed golf culb with much loft, used for approaching; a stroke with such a club; a shoe in which the heel and sole together form a wedge with no gap under the instep, چيٽي، چير، اوڪ، ميخ. ڪلي، چيرڻ، ڦاڙڻ، ڪاٺ يا ڌاتوءَ جو ٽڪر (جيڪو هڪ پيڙهيءَ وٽ ٿلهو ۽ ٻي پيڙهيءَ وٽ سنهو ٿئي)، ڪاٺيءَ جو ڪلو. لشڪر جي صف بندي، هنجن يا ٻين پکين جو ولر. گول ڪيڪ جو چير شڪل ٽڪر. سون يا چانديءَ جي ميڪَ. لوهي مٿي وارو گولف راڊ جو ڏنڊو. گولف جو ڌڪ. بوٽ جنهن جي ڪڙيءَ ۽ ڀَبَ جي وچ ۾ خالي جڳهه نه هجي، سڌي ترِي وارو بوٽ.

wedge-tailed (ويج ٽيلڊ) **adj.** having a tail in which the rectrices form the shape of a wedge, the central pair being longest, the outer pair shortest, پکي جنهن جو پڇ جو وچون حصو ڊگهو ۽ سنهو ٿئي ۽ منڍ ۽ پڇڙ ويڪرو ۽ ننڍو (جيئن ساموندي عقاب ۽ ڳجهه).

wedge-wise (ويج وائيز) **adv.** in the manner of a wedge, چير جهڙي صورت ۾، چير شڪل، چيٽيءَ نما.

wedlock (ويڊ لاڪ) **n.** matrimony; the married state, esp in the phrase 'born in wedlock', ie legitimate, پرڻو يا شادي، نڪاح، وهانءُ. شادي ڪيل صورت مان ڄاول ٻار، حلالي ٻار.

Wednesday (وينز ڊي) **n.** the fourth day of week, هفتي جو چوٿون ڏينهن، اربع جو ڏينهن.

wee[1] (وي) **adj, n.** little, tiny, a short distance, a short time, ننڍڙو، ٿورڙو، ٿورو پنڌ يا مفاصلو، ٿورڙو وقت.

wee[2] (وي) **interj., vi, n.** imitating the squeal of a young pig; the act of urinating; urine; to urinate, ننڍي سوئر، ٻلهر جو آواز يا هوڪار، مُتڻ جو عمل، پيشاب، پيشاب ڪرڻ.

weed[1] (ويڊ) **n, vt.** any useless plant of small growth; any plant growing where it is not wanted; any wild herb; a thick growth of wild herbs; a plant growing in fresh or salt water; anything useless, troublesome or obnoxious; a worthless animal; a weak, ineffectual or unmanly man; tobacco or a cigar or cigarette; marijuana; to clear (a garden) of weeds; to remove uproot (weeds etc), گند گاهه، ڊڀ، گاهه پنو، ڪَلَ گاهه، ڪَسر، گند ڪچرو، ڪههر. فصل ۾ ڦُٽندڙ غير ضروري ٻوٽا، بيڪار ٻوٽي، جهنگلي ٻوٽن جو گهاٽو جهڳٽو، خودرو گاهه، ٻوٽو يا ٻوٽي جيڪا تازي يا کاري پاڻي ۾ پيدا ٿئي، بيڪار، تڪليف ڏيڻ واري يا ناپسند شيءِ، نڪمو يا بيڪار جانور، اهڙو ڪمزور ڪمزور، ڏٻرو، بي اثر، بي همت يا نامرد انسان، تماڪ، چروٽ يا سگريٽ، چرس يا ڀنگ، باغ مان ڊڀ صاف ڪرڻ، ڪک ڪانا ميڙڻ، سوڌي صاف ڪرڻ، سوڌڻ، چڏائڻ، پاڙون پٽي ڪڍڻ.

weed[2] (ويڊ) **n.** a garment, clothing or outfit; armour; a widow's mourning apparel, پوشاڪ، ڪپڙا يا ملڊي، زره، رن زال يا بيوه عورت جي سوڳ يا ماتم جي پوشاڪ، ماتمي ڪپڙا، (هندن ۾) ڳاڙها ڪپڙا.

weed[3] or **weid** (ويڊ آر ويڊ) **n.** any sudden illness, cold or relapse with febrile symptoms, esp in women after confinement or nursing; a fever in horses etc, اوچتي ناچاڪائي، بيماري، ٿڌ ڪري اٿلي پيل مُدي جو بخار، گهوڙي کي ٿيندڙ تپ، ويائيءَ زال جي بيماري.

weedicide (ويڊي سائيڊ) **n.** a chemical weedkiller, ڊڀن کي ختم ڪرڻ واري دوا، گند گاهه مار دوا، ڪَلَ گاهه مار دوا، ٻوٽي مار دوا.

weeding (ويڊنگ) **n.** the task or process of clearing ground of weeds; what is weeded out, ڊڀن کي ڪڍي يا پٽي صاف ڪرڻ، پاڙون پٽڻ، گند گاهه جي صفائي، گاهه خاتمو، ڪَلَ گاهه ڪڍڻ، فصل جي صفائي ڪرڻ.

weedy (ويڊي) **adj.** full of or overgrown with weeds; thin and weak looking, گند گاهه واري زمين، گاهياري ٻني، گاهه دار، گاهيارو، جڙي ٻوٽي دار، ٻن واري زمين، ڊاپيرو، ڊاپائون، رڪ واري زمين، چڀرن ڇانئيل زمين، لٽاسي زمين.

week (ويڪ) **n.** period or duration of seven days, esp from Sunday to Saturday (inclusive); the working days of the week; an indefinite period, هفتو، ستن ڏهاڙن جو عرصو، هفتي جا ڪم ڪرڻ جا ڏينهن، اڻ مقرر عرصو، ستوارڙو.

weekday (ويڪ ڊي) **n.** any day of the week except Sunday, and now usu also excluding Saturday, آچر کان سواءِ هفتي جو ڪوبه ڏينهن، موڪل واري ڏينهن کانسواءِ ڪوبه ڏينهن، هفتي جو ڪم وارو ڏينهن.

weekend (ويڪ اينڊ) **n, vi.** the non-working period from Friday evening; to spend a weekend holiday, هفتي جي آخر ۾ ايندڙ موڪل جو ڏينهن (جا ڏينهن)، موڪلن جا ڏينهن، آرام جا ڏينهن.

weekly (ويڪلي) **adj, adv. & n.** coming, happening or done once a week; once a week; every week; a publication appearing once a week, هفتيوار، هفتيوار اخبار، هفتي هفتي، هفتي ۾ هڪ ڀيرو، هفتي ۾ هڪ دفعو، هر هفتي، اخبار يا رسالو جيڪو هفتي ۾ هڪ دفعو شايع ٿئي.

weel[1] or **weil** (ويل آر ويئل) **n.** a whirlpool, آويڙو يا وهندڙ پاڻيءَ جو چڪر، ڪُن، گرداب.

weel [2] (ويل) **n.** a trap or snare for fish; a bearing re-

sembling this; well favoured, مچيءِ واسطي ڪوڙڪي يا جاري، چار جهڙو، ڪڙهي، (ڪنهن کي) فائدو ڏنل يا تورو ٿيل.

weem (ويم) **n.** a subterranean dwelling, زير زمين ناهيل جڳهه يا ماڳ، زمين اندر جاءِ، سرنگهه.

ween (وين) **vt, vi.** to think or fancy; to believe; to expect; to imagine expectantly, سوچڻ يا شوق وارو خيال ڪرڻ، اعتبار ڪرڻ، اميد ڪرڻ، (آسرو رکي) ويچار ڪرڻ، اميد رکڻ، الومان ڪيڻ، خيال ڪرڻ، چاڻڻ، سمجهڻ، پائڻ.

weeny (ويني) **adj.** very small, tiny. تمام ننڍو، ذرڙو.

weeny-bopper (ويني باپر) **n.** a child of up to about 12 years old, usu female who shows a keen interest in pop music and associated fashions and trends, ٻارهن سالن جي عمر جي ڇوڪري (فيشن ۽ راڳ رنگ جي شوقين).

weep (ويپ) **vt, vi.** to express grief by shedding tears, to wail or lament; to drip, rain; to ooze; to leak; to exude; to droop or be pendent; to lament; to pour forth; to express while, or by, weeping; روئڻ، افسوس ڪرڻ، غم ڪرڻ، ڳوڙها وهائي زارو زار روئڻ پٽڻ، ماتم ڪرڻ، هنجون هارڻ، لڙڪ وهائڻ، ڳوڙها ڳاڙڻ، مينهن وسڻ، سِمڻ، ٽمڻ، واهڻ، ڪومائجڻ، لٽڪي پوڻ، ٽنگيل رهڻ، زاري ڪرڻ، اوتجي پوڻ، روئندي پار ڪيڻ، ڳرڻ، جَهرڻ، وهڻ (ڳوڙهن جو اڪين مان يا ڳند جو ڦٽ مان).

weeper (ويپر) **n.** someone who weeps; a mourning figure carved on a tombstone; a hired mourner; a white border round the sleeve of a mourning dress; a crape hatband; a widow's crape veil; anything drooping or pendent; a weephole, روئندڙ، روئڻ جهڙي شڪل، پاڙيتو روج راڙو ڪرڻ وارو، ماتم واري ڪاري پوشاڪ تي اڇي پٽي، ٽوپلي تي لڳل ريشمي ڪاري پٽي، رن زال يا بيوه جو ڪارو لباس يا جبو، لڏندڙ، پاڻيءَ جي سيمي جو سوراخ، ڳرندڙ، خارجي مادو وهائيندڙ، لڙڪندڙ طوق، روڻ، چري، ڏار، جهير.

weep hole (ويپ هول) **n.** a hole in a wall, etc to allow water to escape from behind it, ڀت ۾ ٽنگ، ليسارو، نالي (جيئن پاڻي وهندو رهي)، (پاڻي رسائڻ جو) سوراخ.

weeping ash (ويپنگ ائش) **n.** a variety of the common European ash, with drooping branches, ديال جو وڻ.

weeping elm (ويپنگ ايلم) **n.** a variety of wych-elm, with drooping branches, جهنگلي وڻ جنهن جون شاخون هيٺ جهڪيل هجن.

weeping-ripe (ويپنگ رائيپ) **adj.** ripe or ready for tears, (ڳوڙهن ڳاڙڻ لاءِ) پريل، تيار ٿيل، روئڻ لاءِ آتو، ڳات پريل.

weeping rock (ويپنگ راڪ) **n.** a rock through which water percolates slowly پٿريلي چپ يا ٽڪري جنهن مان پاڻي سيمو ڪري نڪري، جَهرندڙ پهاڙ.

weeping spring (ويپنگ اسپرنگ) **n.** a spring from which water escapes slowly, هلڪو وهندڙ چشمو.

weeping willow (ويپنگ ولو) **n.** an ornamental Chinese willow, with pendent branches, چين ملڪ جو بيد وارو وڻ، چيني ديار جنهن جون ٽاريون نمندڙ آهن.

weever (ويور) **n.** a genus of fishes of which two species are British, with sharp dorsal and opercular spines capable of inflicting serious wounds, مڇين جو قسم، تيز ڪنڊن واريون مڇيون.

weevil (ويول) **n.** a popular name for a large number of beetles with anterior part of the head prolonged into a beak or proboscis, which, either in the larval or the adult form, damage fruit, nuts, grain, trees; any insect injurious to stored grain, etc, ڳهڻو، سوي، سُرو، منگهڻ، ميون، سوپارين، اخروٽن، بادامين، اناج ۽ وڻن کي نقصان رسائيندڙ جيت، ننڍڙين ننڍڙين جي شاهي ڪنب وارا جيت، جيت جيڪو رکيل اناج کي نقصان رسائي.

weft (ويفٽ) **n, vi.** the threads woven into and crossing the warp; the thread carried by the shuttle; a web; a film or cloud; to form a weft; a waif, a castaway, تندون يا تارون يا ڌاڳا جيڪي اُڻت ۾ ويڪر ۾ استعمال ٿين، پيٽو ناهڻ، پيٽي وارو پاسو، لڏڪو يا لاوارث مال، ڦٽو ڪري ڇڏيل شيون.

weftage (ويفٽيج) **n.** texture, (اڻيل) ڪپڙو يا چاري.

weigela (وائگلا) **n.** a plant of a genus of deciduous shrubs with large showy pink, purplish or white flowers, پن ڇاڻيندڙ ول، وڏن رنگين گلن وارو ٻوٽو.

weigh (وي) **vt, vi.** to find out the heaviness of; to be equal to in heaviness; to compare or counter balance on or as if on scales; to raise (a ship's anchor); to apportion or measure a specific weight of; to hold in the hands in order to, or as if to, estimate the weight; to estimate the value of; to ponder in the mind, consider carefully; to consider worthy of notice; to keep evenly outspread; to have weight; to be considered of importance; to balance evenly; to weigh anchor, تورڻ، ڪٽڻ، مئڻ، ٿرڻ، وزن جو اندازو، تور، ويچارڻ، غور ڪرڻ، تلڻ، جوکڻ، تڪ، تل ڪرڻ، وزن ڪٽڻ، توري ڏيڻ، تورڻ تڪڻ، ڳڻ ڳوت ڪرڻ، زير بار ڪرڻ، دٻائڻ، نمائڻ، ڳراڻ يا تور لهڻ، وزن ۾ هڪ جهڙو، تارازيءَ يا ڪانٽي تي ملائڻ يا برابر ڪرڻ، پاڻيءَ جي جهاز جو لنگر ڪڍڻ، حصا ورهائڻ، مٺي ماپي ملائڻ، هٿ ۾ جهلي ڪٽ ڪرڻ، مُلهه جو ڪاٿو لڳائڻ، دل ۾ خيال ڪرڻ، خبرداريءَ سان ويچار ڪرڻ، غور ڪرڻ، ڌيان ۾ آڻڻ جي لائق سمجهڻ، هر پاسي ڦهلائڻ، ڪنهن اهميت جي لائق سمجهڻ، انصاف سان تورڻ، لنگر کڻي روانو ٿيڻ.

weighable (وييبل) **adj.** capable of being weighed, تور ڪرڻ لائق، ماپ لائق، وزندار.

weighage (ويئيج) **n.** the rate paid for the weighing of goods, (سامان جي) توراڻيءَ جا پيسا، توراڻي، تورڻ جو محصول.

weigh-bridge (وي برج) **n.** a machine for weighing vehicles with their loads, مشين جنهن سان گاڏين کي توريو وڃي، تورڻي، تور مشين، تورڻ جي ڪل.

weighed (ويئڊ) **adj.** experienced; considered, balanced, آزمودگار، انصاف وارو، سمجهو، تجربيڪار، اندازو ڪندڙ، سيائو، ماهر، چالو، ڏاهو.

weight (ويٽ) **n, vt.** the heaviness of a thing, esp as determined by weighing; quantity as determined in this way; the force with which a body is attracted to the earth, measured by the product of the mass and the acceleration; a mass of metal adjusted to a standard and used for finding weight; a method of estimating, or a unit of weight; the amount something ought to weigh; a standard amount that a boxer should weigh; a heavy object; anything heavy or oppressive; a ponderous mass; pressure; importance; power; impressiveness; preponderance or bulk; the frequency of an item in a frequency distribution; to make heavier; to attach or add a weight or weights to; to hold down in this way; to add substance or solidity to; to increase the weight; (of a fabric) by adding chemicals; to assign a handicap weight to a horse; to oppress, burden to give (a law or administrative arrangement) a bias, تور، وزن، بار، زور، بوجهه، داب، انداز، وٽ، پرماڻ، قدر، ڳرائي، ڳرائي، بوجو، وٽ، ڏڪي، ڏڪو، تورو شيءِ، هلندي، غلبو، پيچري، ڳرو ڪرڻ، ڳت وجهڻ، بار پڌڻ، ورهاست وارو انداز، جهلي بيهڻ، بار ڪشڻ، بار وڌائڻ، بار وجهڻ، ڪپڙي کي ڪيميائي مادا لڳائي وزن وڌائڻ، ڪمزور گهوڙي کي ڊوڙ ۾ سهوليت ڏيڻ، زور بار ڪرڻ، پنهنجي طرف ڪرڻ، حڪومت جي فائدي لاءِ بار وجهڻ.

weighted average (ويٽيڊ اوريج) **n.** the average reached when some factor of special importance relating to the variable is included in the calculation along with the frequency factor, ماڻ ڪڍڻ مهل حاصل ڪيل سراسري الڳن ۾ ڪنهن خاص مقصد خاطر وقايل سراسري وزن يا ماڻ.

weighting allowance (ويٽنگ الائونس) **n.** a salary differential to balance the higher cost of living in a particular area, مهانگائيءَ ڪري مقرر ڪيل پگهار سان گڏ ڏنو ويندڙ وڌيڪ پگهار، عارضي پگهار، ڏکين جڳهين لاءِ وقايل پگهار جو الڳ.

weightlessness (ويٽ ليس نيس) **n.** the condition of a freely falling body at the beginning of the fall when its inertia exactly balances the gravitational force or that of a space traveller and his or her unpowered spacecraft in orbit beyond the earth's atmosphere, زمين کان اٽڪل ٥٠٠ ميل مٿي وڃڻ کانپوءِ هر شي ۾ وزن ٿي ويندي آهي، اها بي وزنيءَ واري ڪيفيت، بي وزنائيءَ واري حالت، ڪنهن به شيءِ جي ڪرڻ وقت واري شروعاتي حالت.

weight-lifting (ويٽ لفٽنگ) **n.** a sport in which competitors (attempt to) lift and hold above their heads a barbell made increasingly heavy as the competition progresses, وزن کڻڻ واري راند ۽ انجا مقابلا، پيجريءَ جا مقابلا (جن ۾ وزن وڌائي زور مايجي).

weight of metal (ويٽ آف ميٽل) **n.** the total weight of the projectiles thrown at one discharge from a ship's guns, جهاز جي توپن سان هڪ ئي وقت ڇوڙيل بارودي مال جو وزن، ڪل بمن جو وزن.

weight-training (ويٽ ٽريننگ) **n.** physical training by means of a series of pulleys, levers, with adjustable weights, for building up individual muscle groups, بدني ورزش ۽ بدن کي ڪسرتي بنائڻ لاءِ وزن ذريعي ورزش ڪرڻ، وزن ڇڪي ڪسرت ڪرڻ.

weight-watcher (ويٽ واچر) **n.** a person, typically female, who is attempting to reduce weight by careful dieting, esp one who attends meetings of an association of people similarly engaged, وزن جو خيال رکندڙ (خاص ڪري عورت)، بدني بيهڪ کي خراب ٿيڻ کان بچائيندڙ، کاڌي پيتي ۾ احتياط ڪندڙ، وزن گهٽائڻ وارن ماڻهن جي جماعت ۾ شامل ماڻهوءَ جو ڪاروائين ۾ شامل ٿيڻ.

weighty (ويٽي) **adj.** heavy; important; having great influence; being the fruit of judicious consideration hence worthy of attention; severe, وزنائتو، قوي، ڀاري، ڳران، ڳرو، هلنديءَ وارو، ضروري، معقول، اهم، ڳورو، وزندار، ڌيان ڇڪائيندڙ، معتبر، ڌيان گهرندڙ.

Weimaraner (وائمرانر) **n.** (any one of) a breed of grey short-haired gun dogs with docked tails, orig developed at Weimar, لنڊن ڪٽن جو نسل، شڪاري ڪتن جو نسل، جرمنيءَ جا لنڊا ڪتا.

weir or wear (ويئر) **n.** a dam across a river; a fence of stakes set in a stream for catching fish, بند، پاڻڊو، ڳنڍ، چاپ، پاڻيءَ وارو بند، ماهيگيري بند، آب ريز، جڪ چاپ، ڇهي، ڪاٺين جي ٿوڻين سان ٺاهيل هڪ ڇهي يا ٻنڊو.

weird (ويئرڊ) **adj, n. vt.** unearthly, uncanny; peculiar, odd; concerned with or controlling fate; fate; a witch; one's lot, esp if evil; a happening, esp uncanny; a tale of fate; a spell of charm; to destine or doom; to hand over to as one's fate; to forewarn, غير زميني، غير حرفتي، نيارو، عجيب، بي ڍؤلو، قسمت سان لاڳاپيل يا مٿس اختيار رکندڙ، قسمت، جادوگرياڻي، ڏائڻ، نصيحت واري ڪهاڻي، جادو، ڪامڻ، منتر، منڊ، سزا ڀڄڻ يا تقدير ۾ لکيل هجڻ.

غيب جو، جادوءَ جو، نصيب جو. پيالڪ. حيرت انگيز. غير دنوي. تقدير، نصيب، از غيبي.

weeirdie or weirdo (ويئر ڊائي آر ويئر ڊو) **n.** an eccentric; someone unconventional in dress etc, سودائي. پوشاڪ جي معاملي ۾ غير رسمي يا غير رواجي. عجيب طبيعت وارو. پنهنجي طريقي جو.

Weismannism (وائزمنزم) **n.** the doctrine in biology of August Weismann whose central teaching is that acquired characteristics are not transmitted, علم حياتيات ۾ بزرگ چائو وائيزمئن جو متو جنهن جي مرڪزي سکيا اها هئي تہ حاصل ڪيل گڻ يا وصفون ايندڙ نسلن ڏي منتقل ڪري نٿيون سگهجن.

weka (ويڪا) **n.** any of the flightless rails of the genus Ocydromus or Gallirallus of New Zealand, درڙيو يا ڪاهو جنس جو زميني پکي. غير اڏامڪ درڙيو پکي. نيوزيلنڊ جو درڙيو پکي.

welcome (ويل ڪم) **n, adj, vt. interj.** received with gladness; admitted willingly; causing gladness; free, free to take or enjoy; the act of welcoming; a kindly reception; to greet; to receive with kindness or pleasure; to accept or undergo gladly; expressing pleasure, esp to guests on their arrival, خوش آمديد چوڻ. ڀليڪار ڪرڻ. راضي خوشي قبول ڪرڻ يا اچڻ ڏيڻ. خوشي ڏيندڙ يا آڻيندڙ. آزاد ڪرڻ. آزاديءَ سان ڪٿي يا وٺي وڃڻ. خوش خلقيءَ وارو آدرڀاءُ. آجياڻو. تعظيم. مرحبا. مرحبا ڪرڻ. ڪيڪارڻ. ڪيڪار ڪرڻ. خوشيءَ سان ملڻ. قبول ڪرڻ يا سهڻ. ملڻ.

weld[1] (ويلڊ) **vt, vi & n.** to join (two pieces of metal) by fusing, forging or applying pressure, using any of several methods, eg raising the temperature at the joint by means of external heat or of a heavy electric current or of an electric arc; (cold welding) using pressure along; to join closely; to undergo welding; to be capable of being welded; welded joint, ڳنڍڻ. جوڙڻ. لوهہ جوڙ. ڌاتوءَ جي ٻن ٽڪرن کي پگهاري جوڙڻ. ٻاهرئين گرمي ذريعي ملائڻ. طاقت جي داب وسيلي ملائڻ. ويجهو ڪري جوڙڻ. ويلڊنگ سان ڳاري ملائڻ. ملائي هڪ ڪرڻ. ملائجي سگهڻ جي طاقت هجڻ. ويلڊ ٿيل جوڙ. بجلي جو ڳالڪو.

weld[2] or wald (ويلڊ آر والڊ) **n.** a scentless species of mignonette, also known as dyer's rocket, yielding a yellow dye; the dye itself, بنا خوشبوءِ واري ٻوٽي. پيلي رنگ وارو ٻوٽو. پيلي رنگ وارو وڻ ۽ ان جو پيلو رنگ.

weldment (ويلڊمينٽ) **n.** the action or process of welding; a welded assembly, ويلڊنگ ڪرڻ جو عمل. ويلڊنگ ذريعي جوڙيل شيءِ. ملائي هڪ ٿيل. جوڙ. ڳنڍ.

Weldmesh ® (ويلڊميش) **n.** a type of fencing formed of two sets of parallel lengths of wire welded together at right angles to each other, (جيڪو واڙ يا لوڙهو هڪ جيتري ويجهيءَ تي ٻڌايل تارن جي ٻن ويڙهن کي ملائي ٺاهيو ويو هجي). ويلڊنگ ذريعي جوڙيل جاري. چوڪڙين واري لوهي جاري.

welfare (ويلفيئر) **n.** the state of faring or doing well; freedom from calamity; enjoyment of health; prosperity; welfare work, ڀلو. خير. خيريت. چڱو. بهبودي. ڪلياڻ. خوشحالي. خير خوبي. سَرِياءُ. سٺي ڪارڪردگي سان ڪيل ڪم. پاڻ ملهائڻ. مصيبتن کان آجپو. صحت ۽ تندرستيءَ جو مزو وٺڻ. ڀلائي جو ڪم. (سماجي) ڀلائي.

welfare state (ويلفيئر اسٽيٽ) **n.** a social system or state in which socialist principles have been put into effect with the purpose of ensuring the welfare of all who live in it, eg by paying unemployment benefit, old-age pensions, etc and by providing other social services, سماجي بهبود سرشتو. ملڪ جنهن ۾ سماجي حقن وارن اصولن کي نافذ ڪيو ويو هجي. سماجي برابريءَ واري اصول تحت قائم حڪومتي سرشتو.

welfare work (ويلفيئر ورڪ) **n.** efforts to improve conditions of living for a class, eg the very poor, or a group, eg employees or workers, ڪنهن جماعت يا سماجي درجي وارن ماڻهن جي گذران يا رهڻ ڪهڻ ۾ بهتريءَ لاءِ جاکوڙڻ. فلاح بهبود جا ڪم. خير جا ڪم. عام بهبود جا ڪم.

welfarism (ويلفيئر زم) **n.** the social policies characteristic of a welfare state, رياست جا سماجي ڀلائيءَ وارا متا ۽ اصول.

welk (ويلڪ) **vi, vt.** to wither or shrivel; to wane or decline, جُهري يا ڪومائجي وڃڻ. گهٽجڻ يا زواليت ۾ اچڻ. سسڻ. گرڻ. لنڊو ٿيڻ.

welkin (ويلڪن) **n, adj.** the sky or region of clouds; skyblue, آسمان يا ڪڪرن جو علائقو. نيرو آسماني رنگ. فلڪ. آسمان. آڪاش.

welkt, wealkd, welked or welk (ويلڪٽ) **adj.** twisted (in some modern editions written welkd); to twist about, موڙيل. وليل. وٽڻ. پٽ ڏيڻ.

well[1] (وَيل) **n, vi, vt.** a spring; a mineral spring; a source; a line shaft sunk in the earth whence a supply of water, oil is obtained; an enclosure in a ship's hold round the pumps; a cockpit; the vertical opening enclosed between the outer ends of the flights in a winding stair; a lift-shaft; a deep vertical space open to the sky within a block of tall buildings; admitting light and air; the open space in the middle of a courtroom; a cavity; a vessel serving as a reservoir, as in inkwell; an eddy; to issue forth, as water does from the earth;

to pour forth, چشمو، کوهہ، کوهي، ھُرلو، تار، سرچشمو، چاهہ، واکڙ، معدني چشمو، ذريعو، زمين ۾ بورَيل، نشاني واري سنڌي جي سرنگهہ، زير زمين ڪڌ، پڙهولو يا پڙهوڏو، ڇڪڻ جي ڪلن جي چوڌاري نهيل آڪاڙو، ور وکڙ ڦاڪڻ. (ڪاڻ جو) مٿي چاڙهڻ وارو ٽيو، اونهي ايي ويحولي، هوا ۽ روشنيءَ لاءِ چڙيل جڳهہ، عدالت جي ڪمري ۾ ڪليل جاءِ، خال، ڪڏ، ڪڏو، ٿانءُ.

well[2] (وَيل) **adj, n, adv., interj.** in good condition; in good health; fortunate; advisable; satisfactory; comfortable; good health or fortune; rightly; skilfully; thoroughly; intimately; favourably, successfully; abundantly; with some degree of luxury; with reason or propriety; conveniently; to a considerable extent; clearly; easily; very possibly, سٺي حالت ۾، چڱو ڀلو، سٺي صحت ۾، خوش نصيب، ڳالهہ مڃڻ وارو، نيڪ ٺاڪ يا صحيح، آرام ڏيندڙ، صحيح نموني، ڪاريگريءَ سان، پوري طرح سان، مهربانيءَ سان، ڪاميابيءَ سان، جهجهي انداز ۾، عياشيءَ ۾، انصاف يا لائقيءَ واري نيت سان، ڪشادگيءَ ۽ سهنجائيءَ سان، ڪهڙي قدر يا وڏي حد تائين، صاف طرح سان، آسانيءَ سان، تمام ممڪن طرح سان، تندرست، خوش، خوب، ڀليءَ پت، چڱيان، چڱيءَ طرح، درستيءَ سان، نيڪ طرح، سوڀ سان، خاصيءَ طرح، پورو پورو، دل وٽان.

well acquainted (وَيل اڪئنٽيڊ) **adj.** having intimate personal knowledge, familiar, ويجهي يا گهاٽي شخصي واقفيت رکڻ وارو، واقف، گهاٽل ماٺل، چاڻو سڃاڻو، ڏٺل واٺل.

welladay (ويلا آ ڊي) **interj.** alas, افسوس، هاءِ افسوس.

well-advised (وَيل اڊوائيزڊ) **adj.** prudent; in one's right mind, دور انديش، ڏاهو، پنهنجي صحيح سالم يادگيريءَ وارو، ڌيان وارو، هوشيار، عقلمند، سياڻو، سيتو.

well-affected (وَيل افيڪٽيڊ) **adj.** well or favourably disposed; loyal, نيڪ يا مهربانيءَ واري طبيعت وارو، توجهہ ڏيندڙ، وفادار، محبت وارو.

wellanear (ويلا آ نيئر) **interj.** alas, وَيل ٿي ويو، ڏک جهڙي ڳالهہ جو اظهار ھڪ لفظ ذريعي.

wellaway or **welaway** (ويلا وي) **interj.** alas, هاءِ هاءِ، گهوڙا زي، افسوس (ڪرڻ).

well-becoming (وَيل بڪمنگ) **adj.** befitting, appropriate to; proper or suitable, مناسب، موافق، معقول، موقعي سارو، واجب، پورو، جڳائتو، جوڳو، ٺاهوڪو، لائق.

well-behaved (وَيل بِهَيوڊ) **adj.** behaving or acting in accordance with propriety or with requirements, اخلاق، شائستگيءَ، مطابق هلت، نيڪ، خوش اطوار، سلڇڻو، شائستو، فضيلت ڀريو.

well boat or **well smack** (وَيل بوٽ آر وَيل سمئڪ) **n.** a fishing-boat having a well for holding live fish, مڇي مارڻ جي ٻيڙي (جنهن ۾ زنده مڇي رکڻ جو نظام هجي).

well borer (وَيل بورر) **n.** a person or machine employed in well-boring, ڪو ماڻهو يا ڪَل جيڪا کوهہ کوٽڻ جو ڪم ڪري، کوهہ کوٽيندڙ.

well-bred (وَيل بريڊ) **adj.** having polite manners and good breeding; of good stock, سٺي نسل وارو، سٺيءَ طرح پاليل، فضيلت وارو (شخص)، خوش اطوار، سلڇڻو، ڇڄڻ وارو، مؤدب، خوش اخلاق، ڍنگو، مهذب، فهميدو.

well-built (وَيل بلٽ) **adj.** (of a building, a person, a garment) of strong or well proportioned make or form, موافق انداز واري بناوت ۽ ڊول سان ٺاهيل (جڳهہ، انسان يا پوشاڪ)، گاڏيلو، چڱو جڙيل، خوش اندام، خوش شڪل، سهڻو، وڻندڙ، ٺاهوڪو.

well chosen (وَيل چوزن) **adj.** (esp of words in a speech) carefully assembled, felicitously chosen, لفظن بنسبت خبرداريءَ سان ٺاهيل، جوڙيل، چيدن چونڊيل لفظن ۾ پسنديده بڻايل، مناسب لفظن جو استعمال ڪرڻ، سُهڻي لکت، خوش خطي.

well conditioned (وَيل ڪنڊيشنڊ) **adj.** in good condition, سٺي حالت ۾، نيڪ ٺاڪ، مناسب.

well conducted (وَيل ڪنڊڪٽيڊ) **adj.** properly managed; acting properly, پوريءَ طرح بندوبست ڪيل، پوريءَ طرح هلت هلندڙ، مناسب چال چلت، مناسب ڍنگ، سٺو ۽ سهڻو طريقو، سٺي هلت.

well connected (وَيل ڪنيڪٽيڊ) **adj.** having friends or relatives in positions of importance or in the upper social strata, ماڻهو جنهن جا دوست يا مائٽ سماج جي مٿانهين طبقي يا درجي تي رسيل يا اهم عهدن تي بيٺل يا فائز هجن، تعلقات وارو، اثر رسوخ وارو، وڏو ماڻهو، گهڻي اٿ ويهہ وارو، ڳنڍيل.

well curb (وَيل ڪرب) **n.** the stone ring built round the mouth of a well, کوهہ جي (پٿر جي) اوساري، کوهہ جي پٿر مان ٺهيل پگهہ.

well deck (وَيل ڊيڪ) **n.** a part of the upper deck of a ship enclosed fore and aft by the bulkheads supporting higher decks, جهاز جي مٿئين طبقي جو هڪ الڳ حصو.

well-defined (وَيل ڊفائينڊ) **adj.** clearly and precisely determined, خبرداريءَ سان، پوري اندازي سان، هوبهو فيصل ڪيل يا ٺهرايل، چڱيءَ طرح سمجهايل، کولي ٻڌايل.

well-deserved (وَيل ڊزروڊ) **adj.** properly merited or earned; condign, پوري طرح لائق، مناسب، جوڳو، لائق، هوشيار.

well developed (وَيل ڊيولپڊ) **adj.** having developed to an advanced, elaborate, good, desirable, state, گهڻي محنت سان مڪمل طرح ٺاهيل، سٺي ۽ پسنديده حالت تي رسيل يا پهتل، مناسب بيهڪ وارو، مناسب حالت ۾، مڪمل، پورو پورو.

well-directed (وئيل ڊائريڪٽيڊ) **adj.** skilfully aimed, ڪاريگريءَ سان نشان ڪيل، سٺي نموني سينگاريل يا ڻاهيل.

well-disposed (وئيل ڊسپوزڊ) **adj.** well placed or well arranged; inclined to be friendly; favourable; healthy, پوري ريت رکيل، ڻاهي بندوبست ڪيل، دوستاڻو تعلق رکندڙ، مهربان، تندرست، دوستاڻو، تڏي سياءِ وارو، نيڪ طبيعت.

well-doer (وئيل ڊوئر) **n.** someone who lives uprightly or does good; someone who thrives and is prosperous, الصاف ۽ ايمانداري سان رهندڙ، ڀلائي ڪندڙ، ترقي ڪري ڪامياب زندگيءَ تي رسيل، محنتي، آورچ.

well-done (وئيل ڊن) **adj.** (of food, esp meat) thoroughly cooked, (کاڌو ۽ گوشت) واهه جو پچايل يا ڻاهيل، مڪمل طرح رڌل، ڳاريل، سُبڪ.

well drain (وئيل ڊرين) **n.** a pit drawing the water from wet land, چلهو، هيٺاهين يا کڏ (جتي آس پاس جو پاڻي اچي گڏ ٿئي).

well-dressed (وئيل ڊريسڊ) **adj.** wearing stylish clothes, فيشني ڪپڙا پهريل، سهڻي پوشاڪ وارو.

well dressing (وئيل ڊريسنگ) **n.** the festal decoration of wells and springs, as in Derbyshire on Ascension day, (خوشيءَ جي موقعي تي) کوهن ۽ چشمن کي سينگارڻ.

well-earned (وئيل آرنڊ) **adj.** thoroughly deserved, ڪامل طرح سان لائق، حقدار.

well-educated (وئيل ايجوڪيٽيڊ) **adj.** having had a good education سٺي تعليم حاصل ڪيل، پڙهيل ڳڙهيل، هوشيار.

well-endowed (وئيل اينڊوڊ) **adj.** having a large penis; (of woman) having large breasts, وڏي يا ڊگهي مرداڻي آلت وارو مرد، وڏن ٿڻن يا ڇاتين واري عورت.

well-fed (وئيل فيڊ) **adj.** plump; given nutritious food, ٿلهو متارو، طاقت وارو، سٺو، چاريل، سگهارو.

well-formed (وئيل فارمڊ) **adj.** shapely, well-proportioned; correct according to the established rules of grammar, ڻاهوڪو، ڊولائتو، پوري بيهڪ دار بدن وارو، گرامر جي قائم ٿيل اصولن موجب درست ۽ مڪمل.

well-found (وئيل فائونڊ) **adj.** adequately provided, fully equipped; commendable, برابر طرح ڏنل يا مهيا ڪيل، پوري طرح سنجيل سينگاريل، پهرايل، تعريف جوڳو يا لائق.

well-founded (وئيل فائونڊيڊ) **adj.** built on a secure foundations; based on solid evidence or sound reasoning مضبوط يا سوگهن بنيادن تي ڻاهيل يا تعمير ڪيل، مضبوط يا اعتبار جوڳي ثابتيءَ وارو، سالم ويچارن ۽ دليلن تي ٻڌل، مڪمل طور پڪو.

well-groomed (وئيل گرومڊ) **adj.** neat and smart in appearance with carefully tended hair, hands, صورت ۽ مهانڊن ۾ صاف ۽ ڦڙت نظر اچڻ وارو، خبرداريءَ سان ڻاهيل وارن ۽ هٿن وارو، مناسب ڊول، مناسب بيهڪ وارو، ڊولائتو.

well head (وئيل هيڊ) **n.** the source of a spring; a fountain head, origin or source; a spring in a marsh; the top of a well or a structure built over it, سرچشمو، چشمي جو منهن، ڦوهاري يا چشمي جو سرو، مٽيءَ يا پاڻيءَ اچڻ جو ذريعو، ڏٻڻ وارو چشمو، کوهه جي پڳ يا اوساري.

well hole (وئيل هول) **n.** a hole for a well of any kind; the shaft of a well; a shaft for machinery; the vertical opening up through the middle of a winding stair, enclosed by the ends of the flights, کوهه لاءِ کوٽيل کڏ، کوهه جي کوٽائي، زير زمين کڏ يا سرنگهه، گول ڦرندڙ ڏاڪڻ، ڏاڪڻ جي کوهه نما اڏاوت.

well-informed (وئيل انفارمڊ) **adj.** having sound and sufficient information on a particular subject; full of varied information, ڄاڻو، خبردار، سڄاڻ، سڄاڻ، جهانديدو، (مسئلي يا مضمون بابت) ڪافي ڄاڻ رکڻ وارو، چڱو واقفڪار، معلوماتي.

wellington or wellington boot (ويلنگٽن يا ويلنگٽن بوٽ) **n.** a loose-fitting rubber or plastic waterproof boot covering the calf; a riding-boot covering the knee in front but cut away behind; a shorter closely-fitting boot, worn under the trousers, گهرگهلو ربڙ يا پلاسٽڪ جو بوٽ، گوڏن تائين چمڙي جو بوٽ، ڊگهو بوٽ، کهيتلو، شوبوٽ.

Wellingtonia (ويلنگٽونيا) **n.** a popular name for the genus of giant conifers; a tree of the genus (Sequoia), راڪاس جيڏو وڻ، سيڪوئيا جنس، صنوبر جي جنس جو وڻ.

well intentioned (وئيل انٽينشنڊ) **adj.** having, or arising from good intentions or purpose, سٺا ارادا يا مقصد رکڻ وارو (شخص)، سٺي نيت وارو، نيڪ نيت.

well judged (وئيل ججڊ) **adj.** correctly calculated, judicious, پوري درستگيءَ سان حساب لڳايل، الصاف وارو (فيصلو)، مناسب حساب ڪتاب.

well-placed (وئيل پليسڊ) **adj.** in a good position (for some purpose); in a position senior enough or intimate enough to gain information, etc, مقصد بنسبت چڱيءَ حالت ۾، مناسب حالت ۾، اثر رسوخ واري عهدي تي.

well-preserved (وئيل پريزرووڊ) **adj.** in good condition, not decayed; looking youthful or younger than one's age, سٺي حالت ۾، سنڀاليل، نوجوان نظر ايندڙ، پنهنجي عمر کان ننڍو لڳندڙ، کهيءَ وارو.

well proportioned (وئيل پروپورشنڊ) **adj.** having correct or pleasing proportions, نيڪ ناڪ يا وڻندڙ انداز واري بيهڪ، بدن جي سونهن سويبا وارو، مناسب بيهڪ وارو، سهڻي ڊول وارو.

well-read (وئيل ريڊ) **adj.** having read widely, well-informed on literature, گهڻو پڙهيل. ادب جي مناسب ڄاڻ رکندڙ. پڙهيل ڳڙهيل. عالم. فاضل. ودوان. ڪتابي.

well-respected (وئيل ريسپيڪٽيڊ) **adj.** highly esteemed; given due consideration, وڏي عزت يا مرتبي وارو. لياقت مطابق مانُ ڏيڻ. مان وارو. عزت وارو. عزت ماب.

well-rounded (وئيل رائونڊيڊ) **adj.** suitably curved; symmetrical; well constructed and complete; satisfactorily developed in all essentials, مناسب طرح موڙيل. ٻولاڪتو ٺاهيل. ڳهڙي تيار ڪيل. پسند موجب ٺاهي تيار ڪيل. مناسب بيهڪ سان بيهاريل.

well-seen (وئيل سين) **adj.** experienced, skilful, آزمودگار. ڪاريگر. ڄاڻندڙ. معلوماتي. هوشيار. ماهر. سياڻو.

well-set (وئيل سيٽ) **adj.** properly arranged or well placed; properly put together; firmly fixed; strongly built, ٺيڪ ٺاڪ نموني بيهاريل. پوري ريت جوڙي رکيل. مضبوطيءَ سان ڪٽل يا قائم ڪيل. مضبوطيءَ سان جوڙيل. مضبوط. پائيدار. ٺهڪتو.

Wellsian (ويلزين) **adj.** relating to or characteristic of H G Wells, historian and writer of stories and novels with scientific or social interest, ايڇ. جي. ويلس (تاريخ دان) آکاڻين ۽ سائنسي يا سماجي معاملن جي ماهر يا سندس لکڻين متعلق.

well-spent (وئيل اسپينٽ) **adj.** spent usefully or profitably, سجائي نموني خرچ ڪيل. فائدي لاءِ ڪيل خرچ.

well-spoken (وئيل اسپوڪن) **adj.** spoken well or fittingly; ready, graceful or courteous in speech, مناسب طرح. پسنديءَ موجب. زيباڪتو يا مروت وارو. تقرير ۾ کرو. با موقع. شيرين زبان. شائستو. مهذب.

well spring (وئيل اسپرنگ) **n.** a fountain چشمو. ڦوهارو.

well-stacked (وئيل اسٽيڪڊ) **adj.** (of a woman) having large breasts, وڏن ٿڃن. ٿڻ يا وڏيءَ ڇاتيءَ واري عورت.

well-tempered (وئيل ٽيمپرڊ) **adj.** good-tempered; having a good bodily or mental constitution; (of steel, mortar) tempered satisfactorily; tuned in equal temperament, سٺي سڀاءَ يا مزاج وارو. رڪ يا گچ جو ٺيڪ طرح پاڻي ڪاڍيل. سڀاءَ يا مزاج ۾ هڪ ڪرو ٺاهيل.

well-timed (وئيل ٽائيمڊ) **adj.** opportune, timely, judicious; keeping regular time; done at the right moment, مناسب موقعي سارو. مهلاڪتو. الصاف روءِ. وقت جو پابند. مناسب وقت تي. مناسب وقت تي پهچندڙ. صحيح وقت تي ڪيل. مناسب موقعي وارو. وقت مطابق.

well-tried (وئيل ٽرائيڊ) **adj** tried often before, with satisfactory results, اوتيل پوتيل. اڳي (گهڻائي ڀيرا) آزمايل. آزمايل ۽ پرکيل.

well-trodden (وئيل ٽراڊن) **adj.** frequently followed or walked along, much used or frequented, گهڻائي دفعا آيل ويل. گهميل. گهمي ڦري ڏٺل. چڱيءَ طرح ڏٺل واٽل.

well-turned (وئيل ٽرنڊ) **adj.** accurately rounded; shapely; felicitously expressed, برابر نموني ڳهڙي گول ڪيل يا ٺهيل. ڏسڻ جهڙو. مناسب بيهڪ وارو. مناسب نموني بيان ڪيل.

well-warranted (وئيل وارنٽيڊ) **adj.** having good credit, سٺي پت. پريت يا ساک وارو. اعتباري. ساکي.

well wisher (وئيل وشر) **n.** someone who is concerned for one's welfare; گهڻ گهرو. خير خواهه. دعاگو. شڀ چنتڪ.

welly or wellie (ويلي) **n.** a wellington of the loose rubber or plastic kind; a student or other (young) person, typically of the landed class, whose noticeably preferred footwear is wellington, esp of sturdy green variety, suggesting recent arrival from or imminent departure for a rural property. سائي رنگجو مضبوط ۽ وڏو ربڙ يا پلاسٽڪ جو بوٽ. وڏ بوٽ. پاتل سوار جيڪو يا ته ٻهراڙيءَ مان آيو هجي يا وڃڻ وارو هجي. سائي رنگ جو شو بوٽ يا گهيتلو پائڻجو شوقين شاگرد يا جوان مرد.

Welsh or Welch (ويلش) **adv, adj.** relating to Wales or its inhabitants; the inhabitants of Wales. انگلينڊ جي علائقي ويلس سان واسطيدار. ويلس جي علائقي جو رهاڪو يا باشندو.

welsh or welch (ويلش) **vi, vt.** to run of from a race course without settling or paying one's bets; to fail to pay (one's debts espin gambling); to avoid fulfilling (an obligation) or fail to keep faith with; (a person) to cheat in such a way. گهوڙن جي ڊوڙ واري ميدانمان شرط يا ستو چڪائڻ کانسواءِ ڀڄي وڃڻ. گوءِ چڏي ڀڄندڙ. جوئا ۾ کٽيل قرض نه ادا ڪرڻ. پنهنجي فرض جي ادائگيءَ کانمنهن موڙڻ. ويساهه گهاتي ڪرڻ. راند ۾ گدي ڪرڻ. ٺڳي ڪرڻ. دوڏارو. دغارو.

Welsh dresser (ويلش ڊريسر) **n.** a dresser usu with open shelves above cupboards and drawers. کليل خانن وارو ڪٻٽ. بنا درن وارو ڪٻٽ. کليل ڪٻٽ.

Welsh harp (ويلش هارپ) **n.** a large harp with three rows of strings, two turned in unison and in the diatonic scale, the third in the sharps and flats of the chromatic. وڏو سرندو. ٽه تارو سرندي جهڙو ساز.

Welsh hook (ويلش هڪ) **n.** an old weapon, a billhook or something similar. پراڻو هٿيار جو قسم. ڏاٽي جهڙو هٿيار.

Welsummer (ويلسمر) **n.** a breed of large poultry with golden plumage, prolific egglayers, وڏي بدن واري سونهري موڙ واري ڪڪڙ (جيڪا گهڻا بيضا لاهيندي آهي).

Welt[1] (ويلٽ) **n.** world (Ger), دنيا.

welt[2] (ويلٽ) **n, vt.** a band, strip or ribbed border fastened to an edge to give strength or for ornament; a narrow strip of leather used in one method of sewing the upper to the sole of a shoe; a weal; a lash, blow; to fit with a welt; to lash, beat, فتيل، پٽي، ڏوري، پٽي، پاسريءَ جي پٽي، چمڙي جي پٽي، چهبڪ سان ڪيل چٽو يا نشان، ڪناري، آسودگي، تندرستي، ڳنڍڻ، چهبڪ هڻڻ، ڌڪ هڻڻ (جتيءَ جي) سَريڪَ.

welt[3] (ويلٽ) **vt, vi.** to wither, dry تباهه ٿي ڳرڻ، جُهرڻ، وڃڻ، سُڪَل.

Weltanschauung (ويلٽنشر شوو اونگ) **n.** outlook on the world; world philosophy (Ger), دنيا بابت نظريو، دنيا بابت علم، حڪمت يا فلسفو.

welter (ويلٽر) **vi, vt & n.** to roll or tumble about; to wallow about in dirt or moral degradation; to be or lie soaked, eg in blood; to be sunk; to roll or toss about in the waves; (of the sea) to roll or surge; to make (one's way) in a weltering manner; a state of turmoil, agitation or confusion; a confused mass; a surging mass, ليٽڻ (گندگي يا بدحالي ۾)، رتو رت ٿيڻ، رت ۾ ٻُسي پوڻ، ٻڏي پوڻ، بد اخلاقيءَ ۾ ڪاهي پوڻ، (لهرين ۾) ڦرڻ گهرڻ، هيڏي هوڏي اٿلڻ يا ڦٿڪڻ، سمنڊ ۾ لڙهڻ، ليٽڙيون پائڻ، گوڙ فساد، وڳوڙ يا گڙٻڙ، مونجهاري جي حالت، وڳوڙين جو ميڙ.

welterweight (ويلٽر ويٽ) **n.** a boxer over 61 kg (9st 9lb); amateur 63.5kg (10st) and not over 66.7kg (10 st, 7lb), amateur 67kg (10st 8lb); a wrestler over 68kg (10st 10lb) and not over 74kg (11st 8lb); an unusually heavy weight, carried mostly in steeplechases and hurdle races, مڪا ماريءَ يا باڪسنگ واري راند جي ڳورن رانديگرن (جي هڪ خاص حد) لاءِ مقرر وزن، گهٽي وزن سان ڊوڙڻ، رنڊڪن واري ڊوڙ ۾ وزن کڻي ڊوڙڻ.

welter race (ويلٽر ريس) **n.** a race in which heavy weights are carried, شرط وارين ڊوڙن جي راند جنهن ۾ وزن کڻي ڊوڙجي.

welter stakes (ويلٽر اسٽيڪس) **n.** the stakes in a welter race, وزن کڻي ڊوڙڻ واري راند ۾ رکيل رقم ڪون.

Weltpolitik (ويلٽ پوليٽيڪ) **n.** world politics; the policy of taking a forceful part in international affairs (Ger), دنياوي سياست، بين الاقوامي معاملن ۾ زور شور سان حصو وٺڻ جو نظريو.

Weltschemerz (ويلٽ شيمرٽس) **n.** world sorrow; sympathy with universal misery; sadness for the human lot; world-weariness; thorough going pessimism (Ger), دنياوي ڏک يا غم، پريشاني، بدحالي، انساني قسمت بابت غمگيني، دنيا جي بدحالي، تنگ نظريءَ وارو نظريو يا خيال، دنيا ۾ بهتريءَ بابت نا اميدي رکندڙ.

Weltstadt (ويلٽ شٽٽ) **n.** a cosmopolitan city (Ger), وڏو شهر، بين الاقوامي حيثيت وارو شهر.

Welwitschia (ويل وچيا) **n.** a plant of a SW African genus of one species, belonging to the Gnetaceae, with one pair of leaves that grow indefinitely, (ڏکڻ اولهه آفريڪا جي) ٻوٽي يا ول.

Wemyss ware (ويمز ويئر) **n.** a type of pottery produced between 1882 and 1930 in Kirkcaldy, Fife, named after the Wemyss family of Wemyss castle and charcterized by lively colourful painted decoration, esp representing fruit and flowers, چينيءَ جا ٿانو جيڪي ويمس جي علائقي ۾ ٺاهيا ويا هئا، انهن تي گل ۽ ميوا تيز رنگن ۾ ٺاهيا ويندا هئا.

wen (وين) **n.** a sebaceous cyst, esp on the scalp; an enormous congested city like London; a former name for the runic and OE letters, چربيءَ سان ڀريل پاڻياٺي ڳوڙهي، ماس جو ڳوڙهو، ڏيو، ڳنڍ، ڳوڙهي، وڏو ڳتيل شهر (جيئن لنڊن)، جرمن ٻوليءَ جي ڪن اکرن جو پراڻو نالو.

wench (وينچ) **n, vi.** a girl or young woman; a servant girl; a child; a mistress; a prostitute, whore; to frequent the company of whores; to associate with girls; to go courting, ڇوڪري، ڇوري، نوجوان زال، عورت، نوڪرياڻي ڇوڪري، ننڍو ٻار، ڪيڏي، رنڊي، فحش عورتن سان تعلق رکڻ، رنڊين وٽ اچڻ وڃڻ، ڇڪلائي، حرامڪاري ڪرڻ.

wencher (وينچر) **n.** a man who associates with prostitutes, ماڻهو جو ڪيڏين يا رنڊين سان سنگت رکي، رنڊي باز، ڇڪلائي.

Wend (وينڊ) **n.** a member of a branch of the Slavs that once occupied the north and east of Germany; a member of the Slavic population of Lusatia who still speak the Wendish language, سلاوڪ قوم جو شخص، لوسا شيا واري سلاوڪ قوميت وارو ماڻهو.

wend (وينڊ) **vt, vi.** to turn; to turn to the opposite tack; to alter the course of (a person or person's thoughts); to betake; to change; to turn; to depart; to make one's way; to move, flow, wander, هلڻ، وڃڻ، چلڻ، قدم کڻڻ، قدم وڌائڻ، ڦيرائڻ، ابتڙ پاسي ڦيرائڻ يا موڙڻ، (ڪنهن ماڻهو جي خيالن جو) رخ موڙڻ، اجهو وٺڻ، روانو ٿيڻ، پنهنجو دڳ پڪڙڻ، ڇُرڻ، هلڻ، رڪڻ، رستو وٺڻ، گهمڻ ڦرڻ.

Wendy House ® (وينڊي هائوس) **n.** a structure of cloth or plastic sheeting, decorated to simulate a little

house; stretched over a rigid frame erected usu indoors for children to play in, ڪپڙي يا پلاسٽڪ جي چادرن جي بناوت يا اڏاوت سان ڍاهيل ٻارن جي رانديون راند جي جاءِ، ٻارن جي راند روند لاءِ ڍاهيل تنبو.

Wenlock (وين لاڪ) **adj.** denoting a group or series of rocks of the Upper Silurian period consisting of limestone and shale and largely developed in the neighbourhood of Wenlock in Shropshire, (سلورين جي وقت جي) چن وارين لڪرين جو ميڙ يا قطار.

Wensleydale (وينزلي ڊيل) **n.** a breed of long-woolled sheep; a white crumbly variety of cheese, ڊگهي پشم واري نسل جي رڍ، اڇي رنگ وارو خشڪ پنير.

wentletrap (وينٽل ٽرئپ) **n.** any member of a genus of gasteropod molluscs, having a spiral shell with many deep whorls, crossed by elevated ribs, پيچدار کوڏ واري جيتن جي نسل جو ڪيڙو، کوپن وارا سامونڊي ڪيڙا.

were (ور) **vi.** plural of was, used as past tense and past subjunctive of be, هو يا هي، گذريل وقت جو.

werewolf or **werwolf** (وير و ولف يا ور وولف) **n.** a person supposed to be able to change for a time into a wolf; a member of an underground Nazi organization, هڪ شخص جيڪو بگهڙ ۾ بدلجي سگهي، خفيه نازيءَ پارٽيءَ جو رڪن، دهشت پسند، دهشت گرد.

werewolfery (ويروولفري) **n.** lycanthropy چريائيءَ جو دؤرو (جنهن ۾ انسان سمجهندو آهي ته هو بگهڙ ٿي ويو آهي).

wergild or **weregild** (ورگلڊ يا وير گلڊ)**n.** among Teutonic peoples, a fine by which homicide and other heinous crimes against the person were expiated, ڏنڊ جو قسم جنهن جي ذريعي سنگين ڏوهن جو نقصان پيري ڏيو هو، خون بها ڏيڻ ۽ وصول ڪرڻ جو سرشتو (جنهن سان ڏوهه گناهه بخشجي ويندو آهي).

Wernerian (ورنيرين) **adj, n.** relating or according to the opinions or system of A G Werner, who attributed all geological phenomena to the action of water; Neptunian; an upholder of Werner's theories, اي جي ورنر سان واسطو رکندڙ اصول ۽ مت، سندس راين ۽ سرشتن مطابق ڌرتيءَ جي مشاهدي تي مٽ سٽ جو سبب پاڻي آهي، الهيءَ متي ۽ اصول جو حامي.

Wernicke's encephalopathy (ورنيڪيز اينسيفلوپٿي) **n.** a degenerative brain disease of haemorrhagic type caused by deficiency of thiamine (Vitamin B1) in many cases the result of chronic alcoholism, characterized by paralysis of the eye muscles, double vision, nystagmus and impaired muscular control, frequently in association with Korsa-Koff's psychosis, مغز جي ڳار واري بيماري جنهن جي ڪري اکين جي نظر تي اثر پوندو آهي، منهن تي اڏ رنگ جو اثر به ٿئي ٿو، هڪ جا ٻه ٻه نظر اچن ٿا، وٽامن يا حياتين مادين جي ڪميءَ ڪري دماغ جي ڳار جي بيماري.

wersh (ورش) **adj.** tasteless, insipid, unsalted; sour or bitter in taste; sickly, feeble; (of weather) raw, ڦڪو، بي سواد، اڻ وڻندڙ، بنا لوڻ وارو، سواد ۾ کٽو يا ڪوڙو، بيمار، ڏبرو، خراب موسم.

Wertherian (ورٿي رين) **adj.** relating to or resembling the character of Werther in Goethe's 'romance The Sorrows of Young Werther', ie morbidly sentimental, گوئٽي جي هڪ ناول جو ڪردار جيڪو تمام گهڻو جذباتي هو، جذبات بابت، جذباتيت وارو، جذبات ۾ اڌو ٿيڻ.

Wesleyan (ويزلين) **adj.** relating to John Wesley, or to Methodism, the name given to his system of religious doctrine and church organization or to the Protestant denomination founded by him, هڪ عيسائي فرقو، ويزلي فرقو، ويزلي فرقي جو پوئلڳ.

west (ويسٽ) **n, adj. vi.** the quarter of the sky where the sun sets; one of the four chief points of the compass; the direction faced when one stands with one's back to the high altar of a church; the regions in the west of any country; the western part of the world as distinct from the East or Orient; opposite the high altar of a church; towards the west; to move towards the west, اولهه، پڇم، مغرب، اولهندو، يورپ، آسمان جو اهو پاڱو يا جاءِ جتي سج لهي، ڪنهن ملڪ جي اولهه پاسي وارا علائقا، دنيا جو اولاهون يا الهندو طرف، ديول جي قربان گاهه جي سامهين يا مخالف پاسي وارو طرف، اولهه طرف، اولهه ڏانهن وڃڻ، اولهه وارو، اولهه رخ.

west-country whipping (ويسٽ ڪنٽري وپنگ) **n.** a rope-whipping method where a half knot is made alternately on each side, finished off with a reef knot, نوڙيءَ جو نمونو جنهن ۾ مختلف هنڌن تي اڌ ڳنڍ ۽ آخر ۾ مڪمل ڳنڍ هجي، ڳنڍ جو قسم، اهڙي چهبڪ سان ڪٽڻ، رسيءَ جي چهبڪ جي بناوت.

wester (ويسٽر) **vi.** to turn westward; to change into the west, اولهه طرف مڙي وڃڻ، اولهه پاسي ڦري مڙڻ، اولهه طرف رخ ڪرڻ.

westering (ويسٽرنگ) **n, adj.** moving towards west; westwards, الهندي ويندڙ، لاڙو (سج)، الهندي رخ، الهندي رخي، اولهه طرف وڃڻ.

westerly (ويسٽرلي) **adj, adv & n.** living or moving towards the west; from the west; a westerly wind, اولهه پاسي رهڻ يا وڃڻ، اولهه پاسي کان، اولهه پاسي ڏانهن، اولهه کان ايندڙ هوا، الهندي جو، اولاهون.

western (ويسٽرن) **adj, n.** situated in the west; belong-

ing to the west; moving towards or coming from the west; an inhabitant of a western region or country; a film or novel whose scene is the western US esp the former Wild West, الهندائي، مغربي، اولهہ ۾ بيٺل، اولهہ پاسي جي، اولهہ ڏي ويندڙ يا اتان کان ايندڙ، الهندي علائقي جو رهاڪو، هڪ فلم جنهن جو نظارو اولهہ آمريڪا هجي (خاص ڪري اوائلي وحشي الهندو ملڪ).

westerner (ويسٽرنر) **n.** a person belonging to the west or the West, مغربي، الهندائي، ماڻهو جيڪو اولهہ طرف يا ملڪ جو رهاڪو هجي.

westernization (ويسٽرنائيزيشن) **n.** to make or become like the people of Europe and America in customs or like their institutions, practices or ideas, يورپ ۽ امريڪا جي ماڻهن جهڙو ڪرڻ يا ٿيڻ، مغربيت واري حالت ۾ اچڻ، مغرب پرستي، مغربيت ۾ رچجڻ.

western roll (ويسٽرن رول) **n.** a style of high-jumping, taking off from the inside foot and clearing the bar face downwards, اوچو ٽپو ڪاٽڻ جو طريقو.

western saddle (ويسٽرن سيڊل) **n.** a stock saddle as used by cowboys, with a high pommel behind and wide leather leg protecting flaps, گهوڙي جا سنج يا زين، چمڙي جا ويڪرا چنگهن جي حفاظت ڪرڻ وارا جهالا.

westie (ويسٽي) **n.** a west highland terrier, اولهہ طرف جي مٿاهن علائقن جو سنهو ۽ تيز رفتار ڪتو.

westing (ويسٽنگ) **n.** space or distance westward; departure westward; direction or course towards the west, اولهہ پاسو، الهندي طرف سفر تي نڪرڻ، طرف يا رستو جيڪو اولهہ طرف ويندڙ هجي، اولهہ طرف مڙڻ يا رخ رکڻ، الهندي رخ.

westlin (ويسٽ لن) **adj, adv.** western; to or in the west, اولاهون، اولهہ ڏانهن، الهندي طرف.

Westminster (ويسٽ منسٽر) **n.** the British Parliament, from the London Borough where the Houses of Parliament are situated, برطانوي دارالعوام يا پارليامينٽ، لنڊن شهر جو پارليامان وارو علائقو.

westwards (ويسٽ ورڊس) **adj. adv.** towards the west, westward, الهندي طرف، اولاهين طرف، مغرب ڏي، مغرب طرف.

wet (ويٽ) **adj, n, vt.** containing, soaked with or covered with water or other liquid; rainy; bringing or foreboding moisture; tearful; grown in damp soil; (of a method) using liquid; (of natural gas) containing large amounts of liquid constituents; given to drinking or tipsy; allowing the sale of intoxicating liquors; ineffectual or feeble; crazily mistaken; in politics, moderately conservative ; water, moisture, wetness; the rain; an act of wetting; a dram, a debauch; a weak, ineffectual wavering person; to urinate, esp involuntarily; to celebrate by drinking, پاڻيٺ، تر، آلو، پاڻياٺو، هريو، وڳاٿو، گهميل، پڳل، پسيل، برساتي، پچاڻ، پاڻيءَ ۾ پسيل، مينهوڳيءَ وارو، گهم آڻيندڙ، ٻوڙهن پريل (اکيون)، آلي زمين ۾ اپريل يا پيدا ٿيل، پتڙي يا پاڻياٺي شيءِ جو استعمال ڪرڻ، قدرتي گئس (جنهن ۾ پاڻيٺ بہ هجي)، شراب خوريءَ جي عادت، نشي دار پاڻياٺن جي وڪري جي اجازت مليل، بي اثر، ڍڳرو ۽ ڪمزور، دماغي سوداء، سياست ۾ اعتدال يا وچولي نموني وارو، پاڻي، گهم، آلاڻ، مينهن، پسائڻ يا پسڻ، هڪ ڊرام وزن، رلدي باز، بي اثر، ٻڏتر وارو، مينهوڳيءَ جو، پيشاب جو پاڻ مرادو نڪري اچڻ، شراب خوريءَ رستي ملهائڻ، شراب جي محفل مچائڻ.

weta (ويٽا) **n.** a large horned wingless grasshopper of New Zealand, its bite reported by some to be venomous (Maori), سنگن وارو ۽ بنا پرن وارو ٽڏو يا ٽڏ (جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ زهريلو آهي).

wet-and-dry paper (ويٽ اينڊ ڊراءِ پيپر) **n.** a stiff paper coated with powdered silicon carbide, like a fine sandpaper, used either wet or dry for smoothing surfaces, سخت ڪاغذ، گسائڻ وارو ڪاغذ، سُڪيءَ توڙي آليءَ جڳهہ تي استعمال ڪرڻ وارو ريگمال.

wet-and-dry bulb thermometer (ويٽ اينڊ ڊراءِ بلب ٿرماميٽر) **n.** a hygrometer consisting of two thermometers, one with a dry bulb, the other with the bulb kept moist, هوا يا گئس اندر موجود گهم ماپڻ جو اوزار، آلي بلب ۽ سڪل بلب رستي گهم پيمائي.

wet assay (ويٽ آسي) **n.** the use of the processes of solution, flotation or other liquid means to determine a given constituent in ores, metallurgical residues and alloys, آلاڻ تشريح، تر تشريح، ڪچي يا خام مادي مان مختلف مادن جو مقدار معلوم ڪرڻ جا مختلف طريقا (جن ۾ پاڻي وجهي، پاڻيءَ ۾ تاري يا ٻئي طريقي وسيلي وزن معلوم ڪرڻ).

wet back (ويٽ بئڪ) **n.** one illegally entering the USA from Mexico by wading or swimming the Rio Grande; an illegal immigrant generally, اهو شخص جيڪو ميڪسيڪو کان امريڪا ۾ غيرقانوني طور (پاڻيءَ مان جهاڳي يا تري) اچي، آمريڪا ۾ (پاڻيءَ واري لنگهہ رستي) پهتل غير قانوني شخص.

wet bar (ويٽ بار) **n.** a bar from which to serve alcoholic drinks in a private house or hotel suite, equipped with a sink and running water, شراب خانو يا ڳتو جتان مختلف هنڌن تي شراب مُهيا ڪيو وڃي.

wet bike (ويٽ بائيڪ) **n.** a vehicle like a motorbike that travels over water on skis, موٽر سائيڪل جهڙي پاڻيءَ جي مٿان يا برف تي هلندڙ گاڏي.

wet blanket (ويٽ بلينڪيٽ) **n.** a dismal person inclined to damp other peoples' spirits, a killjoy, ماڻهو جيڪو ٻين جي خوشين کي ٻوڙي ۽ ٻين کي غمگين بڻائي، خوشين جو دشمن يا ويري.

wet bob (ويٽ باب) **n.** a schoolboy at Eton or other school who goes in for rowing in the summer term in preference to cricket, برطانيه جي هڪ اسڪول جو شاگرد جيڪو موڪلن ۾ ڪرڪيٽ راند بجاءِ ترڻ يا ٻيڙين ٻوڙائڻ جي مقابلن ۾ حصو وٺي.

wet cell (ويٽ سيل) **n.** an electric cell with a liquid electrolyte, بجليءَ جو پاڻياٺو سيل، بيٽريءَ جو خانو.

wet dock (ويٽ ڊاڪ) **n.** a dock maintaining a level nearly uniform with that of high water, بندرگاهه جي گودي جتي پاڻيءَ جو وهڪرو هڪ جيترو رهي.

wet dream (ويٽ ڊريم) **n.** an erotic dream resulting in ejaculation of semen, شهوتي خواب، خواب ۾ احتلام ٿيڻ يا شيطان اچڻ.

wether (ويدر) **n.** a castrated ram, خصي يا ڪٽ ٿيل گهيٽو، ڪٽيل گهيٽو.

wet land (ويٽ لينڊ) **n.** marshy land, پوسل واري زمين، ڍنڍ، ڍورو، دٻو، تلاءُ، آلي زمين، گهـر واري زمين، ڌٻڻ واري زمين، تر ايراضي، ڪلا.

wet lease (ويٽ ليز) **n.** the leasing of aircraft complete with crew, هوائي جهاز جو عملي سميت مقاطعي تي ڏيڻ يا وٺڻ.

wet-look (ويٽ لڪ) **adj.** made of a glossy material usu PVC which gives the appearance of being wet, چلڪندڙ ۽ لسي شيءِ، آلي نظر ايندڙ شيءِ، پلاسٽڪ جهڙي مادي مان ٺهيل شيءِ جيڪا ٻاهران آلي نظر اچي.

wet-meter (ويٽ ميٽر) **n.** a gas meter in which the gas to be measured passes through water, گئس ماپڻ جو اوزار (جنهن ۾ گئس کي پاڻيءَ مان لنگهائي ماپجي).

wetness (ويٽ نيس) **n.** somewhat wet; soaked in water containing water, آلاڻ، هرياڻ، پاڻيٺ، وت، پاڻي، رطوبت.

wet nurse (ويٽ نرس) **n, vt.** a nurse who suckles a child for its mother; to be a wet nurse to, to suckle (another woman's baby); to treat like a helpless child, to nanny, کير پيارڻ واري عورت، کهرالي، ٿڃ پيارڻ واري، ڪنهن ٻئي جي ٻار کي کير ڌارائڻ واري دائي، لاچار يا يتيم ٻار ڪري پالڻ، دائپو ڪرڻ، کير ڌارائڻ، (ٻرائي ٻار کي) پالڻ.

wet pack (ويٽ پيڪ) **n.** (the wrapping of a person in) blankets or the like dampened with warm or cold water as a medical treatment; the dampened material used, ماڻهوءَ کي آلن ڪمبلن ۾ ويڙهڻ، ڪوسي يا ٿڌي پاڻيءَ سان دم ڪرڻ، آلن ڪپڙن ۾ ويڙهڻ (علاج خاطر).

wet plate (ويٽ پليٽ) **n.** a plate coated with collodion and sensitized with a salt of silver, مصالحي ۾ ٻوڙيل چادر يا ڌاتوءَ جي پتر يا سنهين پتري.

wet rot (ويٽ رات) **n.** a form of decay in timber caused by certain fungi which develop in wood that is alternately wet and dry, ڪاٺ جو ساڙ يا سوڪ، (فنگي بيماريءَ ڪري) گهر ڪان ڳار، آلو ساڙ، روڳي ساڙ، ڳرُ ڳار.

wet suit (ويٽ سوٽ) **n.** a suit for wearing in water, which allows water to pass through but retains body heat, پاڻي ۾ پهرڻ جو وڳو (جيڪو آلو ته ٿئي پر پاڻيءَ جو بدن تي اثر نه ٿئي).

wet the bed (ويٽ دي بيڊ) **vi.** to urinate accidentally in bed, بستري ۾ مُتي ڏيڻ، پيشاب جو ٻاڦرادو نڪري وڃڻ.

wet through (ويٽ ٿروُ) **n.** with one's clothes completely soaked, سمورا ڪپڙا پُسايل، آلا ڪيل، آلن ڪپڙن ۾.

wetting agent (ويٽنگ ايجنٽ) **n.** any chemical that, added to a liquid, reduces its surface tension so that it is more readily spread over or absorbed by the materials it is applied to, ڪيميائي مادو جيڪو پاڻياٺ ۾ ملائجي ته سندس مٿاڇري جو زور يا ڦهلاءُ گهٽائي، پچائيندڙ مادو، ترڪندڙ عنصر، آلو ڪندڙ عامل.

wettish (ويٽش) **adj.** somewhat wet, containing some moisture. آليرو، پسيل، گهميل.

wey (وي) **n.** a measure or weight for dry goods differing with different commodities (eg for salt, corn 40 bushels), خشڪ شين جو ماپو يا تور (جيڪو مختلف شين لاءِ مختلف وزن وارو آهي).

whack (وئڪ) **vt, vi & n.** to strike hard and smartly; to put or take with violence; to beat decisively; to parcel out, share; to strike; to settle accounts; a blow; the sound of a blow; a share; an attempt, ڌڪ هڻڻ، ڏاڍي زور سان رکڻ، ڪٽڻ، حصا يا ڀاڱا ڪرڻ، ڌڪ هڻڻ، ڌڪ سان حساب چُڪائڻ، ڌڪ جو آواز، ڀُرو ڌڪ هڻڻ، سٽڻ، زبردستي ڦرڻ، ماري ڪٽي حاصل ڪرڻ.

whacker (وَيڪر) **n.** something big of its kind; a blatant lie, (وڏو) لسورو ڪوڙ، ڪاوڙي شيءِ، هاٺنگ، ڊگهو ٽينگ.

whacking (ويڪنگ) **adj, adv.** enormous; a beating or thrashing, بيحد گهڻو، وڏو، هاٺنگ، مارڪٽ، سٽ ڪٽ، ٺڪاٺوڪي.

whaisle or **whaizle** (ويزل) **vi.** to wheeze, سهڪڻ، ڏاڍيان ساهه کڻڻ، سَهڪو.

whale[1] (ويل)**n.** any of an order of cetaceous mammals, including the *toothed* whales, such as the sperm whales and the dolphins, and the *whalebone*

whales, such as the right whales and the rorquals, in which the teeth are only embryonic; a person with a large appetite; something very large of its kind; the constellation Cetus, وهيل مڇي، مانگر مڇ، هڪ سامونڊي اجگر جانور (جنهن کي بدن تي وار ڪونہ آهن)، بنا ڏندن وارا مانگر مڇَ، آلي وارا مانگر مڇ، ٻلهڻ، ويسر، کير پيارينڌڙ مڇي، بکيو ماڻهو، پينو، هاٿنگ، اجگر، حوت.

whale 2 **(ويل) vt.** to thrash; to strike violently, سٽڻ، ڪٽڻ، زور سان ڌڪ هڻڻ.

whale back (ويل بئڪ) n. a turtleback; a kind of steamboat used on the Great Lakes to carry grain, having rounded upper deck; a mound shaped like the back of a whale, ڪڇئون جي پٺي وانگر بناوت واري ٻيڙي، ياڪ تي هلندڙ گولائين صورت واري ٻيڙي.

whale boat (ويل بوٽ) n. a long, narrow boat sharp at both ends once used in the pursuit of whales; a similar boat carried on a large vessel as a lifeboat, وهيل مڇي پڪڙڻ وارو هوڙو، ڊگهي سوڙهن پاسن واري ٻيڙي، خطري جي حالت ۾ بچاء خاطر ٻيڙيون جيڪي وڏا جهاز کڻي هلندا آهن، حياتي بچائڻ واري ٻيڙي.

whale bone (ويل بون) n, adj. a light flexible substance consisting of the baleen plates of whales; an article made of this; made of whalebone, مانگر مڇ جو هڏو، هلڪو مڙندڙ هڏائون مادو، هڏائين شيء مانگر مڇ جي هڏي مان ناهيل، مڇيء جي هڏي مان ناهيل.

whale line (ويل لائين) n. strong rope used for harpoon lines in whale-fishing, مانگر مڇن کي پڪڙڻ لاء سخت قسم جي رسي، وهيل مڇيء کي پڪڙڻ واري ڏوري.

whale louse (ويل لائوس) n. a genus of amphipod Crustacea parasitic on the skin of cetaceans, زمين ۽ سمنڊ تي رهندڙ جانورن تي پلجندڙ ننڍڙا جيت، خون پياڪ جيت (جيئن جونء، جوڙ، چچڙ وغيره)، طفيلي سامونڊي مخلوق يا جيت.

whaler (ويلر) n. a whaleboat; a whaleman; something very large of its kind, مانگر مڇن جهلڻ لاء ٻيڙي، مانگر مڇ پڪڙڻ وارو شڪاري، وڏي قد بت واري شيء.

whale shark (ويل شارڪ) n. a huge but harmless shark of tropical seas, وڏي پر بي ضرر شارڪ يا وهيل مڇي.

whaling (ويلنگ) adj. concerned with or used in whalecatching; the business of catching whales, وهيل مڇين جهلڻ يا ان ۾ ڪم آڻڻ واري شيء يا اوزار، مانگر مڇن جهلڻ جو ڌنڌو يا ڪرت.

whaling-gun (ويلنگ گن) n. a harpoon gun, a contrivance that fires a harpoon attached to a line, نيزو هلائڻ واري بندوق (جنهن سان وهيل مڇيء جو شڪار ڪندا آهن).

whally (والي، هالي) adj. wall-eyed; (of the eye) showing much white, اڇين يا پيلين اکين وارو، اکين جو گهڻو اڇو نظر اچڻ.

wham (وئيم) n, vi, vt. a resounding noise caused by a hard blow; to crash or bang; to hit or bang, زوردار ڌڪ جو آواز، زور دار ڌڪاء، ڌڌڪو، ڌڪ هڻي ٽڪاء ڪرڻ، ٺهڪو ڪرڻ، سٽڪو ڪرڻ، سٽڪن جو آواز.

whammo (وئيمو) interj, adj. descriptive of violent impact, زوردار ٽڪر جو آواز.

whammy (وئمي) n. a malevolent spell or influence cast by someone's evil eye, such a spell cast by both eyes being a double whammy; now generally, a stunning blow, the winning punch, بد نظر، جادو، اکين جو منڊ، اکين سان ٻئي کي پنهنجي قبضي ۾ ولڻ، آخري فتح وارو ٺونشو، ڪٺڻ وارو ڌڪ.

whample (وامپل) n. a stroke or blow, ڌڪ يا ٽڪاء، مڪ يا مُڪو.

whang (وئينگ) n, vt. a leather thong; a thick slice; to flog; to throw, push or pull violently; to cut in great slices; a resounding noise; a blow; to career or go headlong, with a resounding impact; to (cause) to hit with a whang, چمڙي جو ڪَشو يا پٽو يا تنگ، ٿلهي ڦاڪ يا ڦار، چابڪ، ڦٽڪو، اڇلڻ يا ڌِڪو ڏيڻ، ڌڪڻ يا زور سان ڇڪڻ، وڏين ڦارن ۾ وڍڻ، پڙاڏي وارو آواز، ڌڪ، منهن سامهون وڃڻ، پٽيء سان ڌڪ هڻڻ، ڌڪ لڳڻ، ڪوڙا هڻڻ.

whangam (وئنگيم) n. an imaginary animal, هڪ خيالي جانور.

whangee (وئنگي) n. any of several grasses of a genus related to the bamboos, found in China and Japan; a cane made from the stem of one, بانس جي قسم جا گاهہ، لڪڻ يا ليٺ، چڙهي.

wharf (وارف) n, vt. a landing-stage, built esp along the shore, for loading or unloading vessels; the bank of a river; to strengthen or secure by means of a wharf; to place on, or bring to a wharf, سامان لاهڻ جو ڌڪو، جهازن يا ٻيڙين ۾ سامان چاڙهڻ يا لاهڻ لاء درياهہ جو پتڻ، ٿلهي يا دڪي (بند) وسيلي مضبوط ڪرڻ يا سوگهو ڪرڻ، دڪي تي رکڻ، بند ڏيڻ، بند ٻڌڻ.

wharfage (وارفيج) n. the dues paid for using a wharf; accommodation at a wharf, ڌڪي جي استعمال ڪرڻ جو ڏنُ يا محصول، ڌڪي تي موجود جڳهہ يا جاء.

wharfing (وارفنگ) n. material for making a wharf; wharfs, دڪي ناهڻ لاء سامان، ڌڪا، بند، پتڻ.

wharfinger (وار فنگر) n. the owner or keeper of a wharf, دڪي وارو، دڪي جو مالڪ، بندر وارو، گهاٽ وارو.

wharf rat (وهارف رئٽ) n. the common brown rat; a

loafer who hangs about a wharf, عامر ڪوڪو، رولو ماڻهو، لوفر.

what (وات) **interrog pronoun** neuter of who, used to form questions regarding identity, selection from an indefinite number, nature, value, etc; . استفهام، ڇا، سوال ڪاهڻ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ.

whatever, whatsoever (وات ايور، وات سو ايور) **n, adv.** anything which, no matter what; جيڪي ڪي، بلڪل، ڪي ٻ، جيڪو ڪو، جيڪي ٻ، ڪوٻ، جيتري قدر، جيڪو ڪجھ.

Whatman paper ® (وات مئن پيپر) **n.** fine quality paper used for drawings, engravings, filtering etc, سٺي قسم جو ڪاغذ (جيڪو نقشن، اڪر جي ڪم وغير لاءِ ڪم اچي).

whatnot (وات نات) **n.** a light piece of furniture with shelves for bric-a-brac; a nondescript article, هلڪو فرنيچر جو ننگ جنهن ۾ سامان رکڻ لاءِ خانا هجن، هڪ اهڙي شيءِ جنهن جو تفصيل يا بيان نه هجي، عام استعمال واري شيءِ.

whaup (هاپ - واپ) **n.** a curlew, sometimes great whaup as distinct from little whaup, the whimbrel, ڦوليارو پکي، ننڍو ڦوليارو، پاڻيءَ جي ڪڪڙ.

wheal (ويل) **n.** a Cornish name for a mine, کاڻ، معدني کاڻ.

wheat (ويٽ) **n.** any cereal grass of the genus Triticum or its grain, from which a white or brown flour for bread, is produced; known as bearded, beardless or bald, according to the presence or absence of awns or beard; according to whether it is a type normally sown in autumn or spring, ڪڻڪ جو ان، مختلف قسم جي ڪڻڪ جا ٻوٽا، ڪڻڪ جو سنگ، ٻوجري ڪڻڪ يا ڳنجي ڪڻڪ.

wheat bird (ويٽ برڊ) **n.** the chaffinch, جهر ڪي پکي، جهار.

wheat ear (ويٽ ايئر) **n.** an ear of wheat, ڪڻڪ جو سنگ، ٻوجرن واريءَ جنس يا ڳنجيءَ جنس جو سنگ.

wheatear (ويٽ ايئر) **n.** any of various song birds of the genus Oenanthe, having a white belly and rump, ڪبري، ڦسڙ پکي، ڪبرو پکي، ٻولينڊڙ پکين جي جنس جو پکي.

wheat eel (ويٽ ايل) **n.** a small nematode worm that makes its way up wheat stems to the ears; the disease it causes, ڪڻڪ جي ٻوڪ کي لڳندڙ ننڍو جيت، ڪڻڪ جو ڪيڙون.

wheaten (ويٽن) **adj.** made of wheat; wholemeal; of the colour of ripe wheat, ڪڻڪاڻون، ڪڻڪو، گندمي، ڪڻڪ مان ٺاهيل، پڪل ڪڻڪ جي ٻوڪ جي رنگ وارو، ڪڻڪ جي اٽي مان ٺاهيل.

wheat fly (ويٽ فلاءِ) **n.** the name of several flies that destroy wheat, eg the Hessian fly, ڪڻڪ جي نقصانڪار مک.

wheat germ (ويٽ جرم) **n.** the vitamin-rich germ or embryo of wheat, part of grain of wheat, ڪڻڪ جو ڳپ، ڪڻڪ داڻي جو جڙ، ڪڻڪ تخم، ڪڻڪ ٻج.

wheat meal (ويٽ ميل) **n.** wheat flour with some of the bran and germ removed, ڪڻڪ جو سنهو اٽو، ميدو.

wheat midge (ويٽ مج) **n.** a dipterous insect that lays its eggs in the flowers of wheat heads, and whose reddish larvae devour the kernels, جيت جن جا ٻچا ڪڻڪ جي ڳپ کي برڪائي وڃن ٿا.

wheat mildew (ويٽ مل ڊيو) **n.** either of two fungus diseases of wheat, ڪڻڪ جي سينور جهڙي بيماري.

wheat moth (ويٽ ماٿ) **n.** any of several small moths whose larvae devour stored wheat, (ڪڻڪ جا نقصانڪار) ننڍن ڪينئن جا قسم، سيوي، سُرو.

whee (وي) **interj.** an expression of delight, exuberance, خوشيءَ جو اظهار، تمام گهڻي امنگن جو اظهار.

wheech (هوي، وي) **vi, vt & n.** to move rapidly with a whizzing sound; to dart; or do, deal with, rapidly; to carry, remove rapidly; to throw; a rapid movement or throw; a whizzing sound, سوسات پريل آواز سان هلڻ چلڻ، تکو يا تيز هلڻ، زور سان اڇلڻ، واسطو رکڻ، ڪٿي هلڻ، هٽائي ڇڏڻ، تکو اڇلائڻ، هڪ تکڙي چرپر يا اڇل، سوسٽن وارو آواز.

wheedle (ويڊل، هيڊل) **vt, vi, n.** to entice by soft words, flatter, cajole; to obtain by coaxing; to cheat by cajolery; to winkle; a piece of wheedling; a person giving to coaxing, (نرم لفظن ۾) ڏٽارڻ، خوشامد ڪرڻ، (چٽ ڏيئي) ٻرغلائڻ، ريجهائڻ، مڃائڻ، چٽ سان ٺڳڻ، چٽ سان احوال وٺڻ، ڦسلائڻ، چترائڻ، اٽارڻ، چڙهو، ڳلتو ٻڌڻ، ريهڻ ريڻ، شاهو ڏيڻ.

wheedler (ويڊلر) **n.** flatterer, a cajoler, a coaxer, چتر، ڳلتائي، ڏاڏرائي.

wheedling (ويڊلنگ) **n.** cajoling, flattery, coaking, چٽ، ڏاڏر، چڙهو، ڳلتو، ٿل، گرگهلي.

wheel (ويل) **n, vt., vi.** a circular frame turning on an axle; a steering-wheel; a potter's wheel; a spinning-wheel; an old instrument of torture; a rotating firework; a bicycle or tricycle; personal transport; the wheel by which a spit is turned; the wheel attributed to Fortune personified, the emblem of mutability; hence, the course of events; a

celestial sphere; a disc; a circular design; a circular motion; the parts of a machine; the intricate workings of something; one or more short lines following a bob at the end of a stanza; a refrain; a dollar; to wander, roam, ڦيٿو، چاڪ، چڪر، چڪ، نار، مُرلو، (نار جو) پاڻيو، چرخو، ارٽ، اٽ، گول ٿاٽ يا جوڙجڪ، پراڻي زماني جو ايذاءَ ڏيڻ جو اوزار، ڦرندڙ آتش بازي، ٻن (يا ٽن) ڦيٿن واري سائيڪل، گاڏي يا ڊوڙڻ جو وسيلو، چڪرو، قسمت جو چڪر، آسماني گولو يا منڊل، گول تصوير يا نقشو، گول ڦيرو، ڪل جا گول پرزا، روڪجڻ يا باز رهڻ جو عمل، ڊالر، گهمڻ ڦرڻ، رلڻ، رخ ڦيرائڻ، گهمائڻ، گاڏي، موٽر، ڪار، بس، لاري، گاڏيءَ ۾ چاڙهڻ.

wheeled (ويلڊ) **adj.** having wheels; moving on wheels; (in combination) having a specified kind or number of wheels, as in solid-wheeled, three-wheeled; formed into a wheel, ڦيٿن واري (يا وارو)، ڦيٿن تي هلندڙ يا گهمندڙ، چرندڙ، ڦرندڙ، ڦيٿائون، گولائون.

wheel barrow (ويل برو) **n.** a barrow with one wheel in front and two handles and legs behind; any other handcart, گاڏيڙو، هٿ گاڏي، هڪ ڦيٿي وارو بار ڍوئڻ جو گاڏو، ڦيٿي گاڏي، ٺيلهو.

wheel base (ويل بيس) **n.** the distance between the front and rear axles of a vehicle; the area enclosed by lines joining the points at which the wheels of a locomotive touch the rails or the ground, or the length of this area, گاڏيءَ جي اڳين ۽ پوين سراين جي وچ واري وڇوٽي يا مفاصلو، ريل گاڏيءَ جي ڦيٿن جي اڇائيءَ جي ماپ.

wheel chair (ويل چيئر) **n. adj.** a chair moving on wheels, esp an invalid's chair, provided, designed, adapted or arranged for people confined to wheelchairs, بيمار جي ڪرسي (جيڪا ڦيٿن تي هلي)، بيمار جي ٺيلهي گاڏي.

wheel clamp (ويل ڪلئمپ) **n, vt.** a device used by traffic authorities to immobilize an illegally parked vehicle until it is removed after payment of a fine, هڪ اوزار جنهن وسيلي بي قاعدي بيهاريل گاڏيءَ کي رنڊائجي ٿو جيئن ڏنڊ ڀرڻ بنا ڏيڻ جي پڇي نه سگهي.

wheeler (ويلر) **n.** someone who wheels; a cyclist; a maker of wheels; a wheelhorse, ڦيٿا هلائڻ وارو، سائيڪل سوار، ڦيٿن ٺاهڻ وارو، ٽانگي وارو گهوڙو، جوٽو گهوڙو، ڊرائيور، چڪر ساز، ٺيلهو.

wheeler dealing (ويلر ڊيلنگ) **n.** shrewd dealing or bargaining to one's maximum advantage in business, politics esp without regard for others' interests, حرفت ۽ هوشياريءَ سان پنهنجي لاءِ واپار يا سياست ۾ وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ڪرڻ، مطلب پرستي، مطلب جي ياري.

wheel house (ويل هائوس) **n.** a shelter in which a ship's steering-wheel is placed; a paddle box; a prehistoric wheel-shaped dwelling, گول اجهو يا پناهه گاهه، ٻيڙيءَ جي اولي يا ارٽ جي پيٽي، اوائلي زماني جو ڦيٿي شڪل گهر.

wheelie (ويلي) **n.** a manoeuvre, eg on a bicycle, motorbike or skateboard, involving travelling for a short distance with the front wheel or wheels off the ground; a U turn accomplished at speed with a loud skiddig noise; a wheelie bin, سائيڪل، سائيڪل جو اڳيون ڦيٿو مٿي ڪري هلائڻ، تيز يا تکڙو هلائڻ، موٽر سائيڪل يا گسڪڻ واري تختي تي هلڻ جو ڪرتب، يُو اکر جهڙو گهمرو يا ڦيرو، ڪن ڪچري جو پيپ.

wheeling (ويلنگ) **n.** the act of moving or conveying on wheels; a turning or circular movement; a rather coarse woollen yarn, ڦيٿن تي چاڙهي هلائڻ يا ڪڍي وڃڻ جو فعل، گول يا ڦيري وارو هلڻ چلڻ، ڪَرو اوني ڌاڳو.

wheel spin (ويل اسپن) **n.** rotation of the wheels of a vehicle without the purchase required for forward or backward movement, گاڏيءَ جي ڦيٿن جي ڦرڻ گهرڻ يا هلڻ جي رفتار.

wheen (هين، وين) **n, adj.** a few; a good many; a little, ٿورا، خاصا، گهڻا، ٿورو ڪجهه، ڪي ڪجهه، معمولي.

wheeple (هيپل، ويپل) **vi, vt & n.** to make a long-drawn-out cry such as that of the curlew; to whistle feebly, ڊگهي رڙ ڪرڻ، پکيءَ وانگر چيخ يا رڙ ڪرڻ، هلڪي سيٽي وڄائڻ.

wheeze (ويز، هيز) **vi, vt & n.** to breathe with a hissing sound; to breathe audibly or with difficulty; to utter with such a sound; the act or sound of wheezing; a gag; a catch-phrase; a standard joke; a cunning plan, سهڪڻ، سهڪو، سهڪڙو، وڏي شوڪاري سان ساهه کڻڻ، آواز سان ساهه کڻڻ، ڏکيائي سان ساهه کڻڻ، ڏاڍيان ساهه کڻڻ، چالاڪيءَ يا اٽڪل واري رٿ، عام چوڻي، چرچو، کِهو، ٽوٽڪو.

whelk[1] (ولڪ، ويلڪ) **n.** a popular name for a number of marine gasteropods, esp applied to species of the genus Buccinum common on the coasts of northern seas, ساموندي جِوڙ، ساموندي جيت، ڪوڏ وارا جيت.

whelk[2] (ويلڪ) **n.** a pimple; (by confusion with wale), the mark of a stripe on the body, a wrinkle, an inequality or protuberance, ڦلڪو، موهيڙو، مونجهارو، ڏنو يا بدن تي ((چهبڪ جي ڌڪ جو) نشان، گهنج، تهه تي غير برابري يا ٻاهر نڪتل نشان، سوڄ، ڳوڙهي، مٿاهين.

whelky (ويلڪي)**adj.** knobby, rounded; formed in a shell, ڳوڙهيءَ وانگر (سوڄ)، گول ٺيل، گول شڪل، ڪوڏ وانگر، ڪوڏ شڪل.

whelm (ويلم) **vt, n.** to turn upside down, esp so as to cover something else; to cover completely in such a way to overturn, overthrow; to plunge deep; to submerge; to overpower; to overburden; to ruin, destroy; to pass over in such a way as to submerge; the overwhelming surge of waves; a watercourse, constructed from hollowed inverted tree trunks, اونڌو ڪرڻ، ڍڪڻ (جو اونڌو ٿي وڃي)، ٻوڙي ڇڏڻ، پاڻيءَ ۾ ٻوڙڻ، غوطو ڏيڻ، ٻڏائڻ، طاقت سان غالب پوڻ، هيٺ سٽڻ، ڳهڻو بار وجهڻ، ناس ڪرڻ، تباهه ڪرڻ، ستيا ناس ڪرڻ، جوش خروش سان غلبو ڪرڻ، لهرن جو اڀري اچڻ، پاڻيءَ جي ڪسي (جيڪا وڻ جي ٿڙن مان ٺهيل هجي).

whelp (ويلپ) **n, vi, vt.** a young dog, a puppy; the cub of a bear, wolf, lion or tiger; a young man; a ridge running longitudinally on the barrel or drum of a capstan or windlass to control the cable; a sprocket on a wheel; to bring forth, ننڍڙو ڪتو، ڪُرڙ، ٻلهڙ، ٻلو ٺڪڙو، رڇ، بگهڙ، شينهن يا چيتي جو ٻچو، ننڍي عمر وارو ماڻهو، جوان، ڦيٿي جي چپن سان ڳنڍيل، پيپ يا چرخي، ڦيٿي جو چپن چاڙهڻ وارو حصو، ويامڻ، ٻچو ڏيڻ.

whemmle, whomble, whommle or **whummle** (ويمل، وومل) **n, vt, vi.** an overthrow, overturn; confusion; to overturn; to turn upside down; to throw into a state of disorder or agitation; to move from side to side; to cover eg with an inverted dish; to capsize, اونڌي ڪرڻ جي اچل، اونڌو ڪرڻ يا اٿلائڻ، مونجهارو، هيٺ مٿي ڪرڻ، مٿيون پاسو هيٺ ڪرڻ، تڪرار واري صورتحال، ابتي ٿيل ٿالهي سان ڍڪڻ، اونڌو ٿيڻ يا ڪرڻ، التائڻ، ٻوڙڻ، هيڏي هوڏي ڪرڻ، پاسا مٽائڻ، مٽ سٽ ڪرڻ.

when (وين) **adv, conj, n, interj.** at what time; at which time; at or after the time that; upon or after which; while; although; at which; the (question of) the time at which something happened or is to happen; an exclamation of impatience; in as much as; whereas, ڪنهن مهل، ڪهڙي وقت، ان وقت يا ان کان پوءِ، ان تي يا ان کانپوءِ، جڏهن تہ، جيتوڻيڪ، جيئن جو، جيئن تہ، ڪهڙي ڏينهن، ڪڏهن، جنهن مهل، جڏهين، ڪڏهاڪر.

whence (وينس) **adv, conj. n.** from what place; from which place? from which things; wherefore; a place of origin; a source, ڪهڙي جاءِ تان؟ ڪهڙي هنڌان؟ ڪهڙين شين مان؟ ڪٿان؟، ڪٿاهين؟، ڪٿاهون؟، جاتون، جيئن تہ، منڍ واري جڳهہ، شروعاتي ذريعو، وسيلو.

whenever (وين ايور) **conj.** at every time when; as soon as, اهڙيءَ وقت جڏهن، جيترو جلد ٿيو، هرگاهہ، جنهن ڪنهن مهل، ڪنهن بہ مهل.

whensoever (وين سو ايور) **conj.** at whatsoever time or whenever or at any comparable time, ڪهڙي بہ وقت، جڏهن بہ يا ان وقت جي لڳ ڀڳ، هرگاهہ، ڪنهن مهل، ڪڏهين بہ، ڪيڏيءَ بہ مهل.

where (ويئر) **adv, conj. n.** at or to which place; at what place?; to what place? from what source; to a, or the place in or from which; in what circumstances or condition; at what point; whereas; wherever; the location or destination of something, ڪاٿي، ڪٿي يا ڪهڙي جاءِ تي؟، ڪهڙي هنڌ؟ ڪهڙي جاءِ يا پاسي ڏانهن؟ ڪهڙي ذريعي مان؟ ڪنهن ڏانهن يا جنهن جاءِ ۾ يا جتان، ڪهڙين حالتن يا صورتن ۾، ڪهڙي جاءِ يا نقطي وٽ، جيئن تہ، جتي بہ، ڪنهن شيءِ جو هنڌ، مڪان يا ٺڪاڻو، ڪيڏي، جيڏي، جيڏانهن.

whereabout or **whereabouts** (ويئر اباؤٽ يا ويئر اباؤٽس) **adv, conj.** near what?; approximately where? about which, about where; on what errant, ڪهڙي هنڌ، ڪٿي، ڇا يا ڪنهن جي ويجهو؟ اٽڪل روهہ ڪٿي؟ ڪنهن يا جنهن بابت، ويجهو، اٽڪل، ڪٿي؟، ڪهڙي پٽ سبب يا ڪنهن جي مٿان، ٺڪاڻو، مڙهہ، مقام، پتو، ڏس پتو يا اندازو ڪرڻ.

whereafter (ويئر آفٽر) **conj.** after which, (جنهن) کان پوءِ، ان بعد.

whereas (ويئر ائز) **adv, conj.** when in fact; but on the contrary; taking into consideration, in view of, the fact that; where, جڏهن، درحقيقت، پر، ان جي برخلاف يا ابتڙ، ڌيان رکندي، ان سبب جي ڪري، لہ تہ، حقيقتاً، جيئن تہ، هوڏانهن، باوجوديڪ، مگر، سچ پچ.

wehereby (ويئر باءِ) **adv,. conj.** by which, جنهن سبب يا ڪري، جنهن سان، جنهن ڪري، جنهن وسيلي، ڪهڙيءَ پر، ڪيئن.

wherefore (ويئرفور) **adv, conj, n.** for which, or what; reason; why? the cause, ڇالاءِ، تنهن ڪري، جنهن ڪري، پوءِ، ڇاڪاڻ، ڪهڙي سبب.

wherein (ويئر ان) **adv. conj.** in which place or respect; in what, جنهن ۾، ڇا ۾، تنهن ۾، ڪنهن ۾.

whereof (ويئر آف) **adv. conj.** of which; whose with; of what, جنهن جو، ڪنهن جو، ڇاجو.

whereon (ويئر آن) **adv, conj.** on which; on what, جنهن تي، ڇاتي،، ڪنهن تي.

whereto (ويئر ٽو) **adv, conj.** to which; to what? where to, جنهن کي، جيستائين، ڪيستائين.

whereupon (ويئر اپان) **adv, conj.** upon or in consequence of which; on what ground, جنهن بعد يا جنهن جي نتيجي ۾، ڪهڙي بنياد تي (ان بنياد تي)، تنهن ڪري.

wherever, wheresoever (ويئر ايور، ويئر سو ايور) **adv, conj.** in or to whatsoever, place; whensoever, ڪٿي بہ، جتي بہ، هر هنڌ، هر هنڌ تي.

wherry (ويري) **n.** a light shallow boat, sharp at both

ends for speed; a kind of barge, ھلڪي تراڪڙي ٻيڙي، ننڍي ٻيڙي، ٻتيلو، جھمٽي يا وڏي لسي يا سڌي ٻيڙي.

wherry man (ويري مئن) **n.** a man employed in a wherry, esp one who rows a wherry, ٻيڙيءَ لاءِ ماڻھو (خاص ڪري جيڪو ان کي ونجھن سان ھلائي)، ناکئو، خلاصي، پاڻٺي، ملاح، اميرالبحر.

whet (ويٽ) **vt.** to sharpen by rubbing; to make keen; to excite; to incite; to preen, لائڻ، تکو ڪرڻ، شوقين يا ذھين بڻائڻ، جوش ڏيارڻ، چيڙڻ، مچائڻ يا ھُشي ڏيڻ، ھُشي ڏيڻي، وھلور ڪرڻ، خواھش جاڳائڻ، چيرو ڏيڻ، سراڻ تي چاڙھڻ، چاڻگڻ، ودڻ، مَٽڻ.

whether (ويذر) **conj.** introducing the first of two alternative words, phrases or clauses, the second being introduced by or, or sometimes by or whether; introducing a single dependent question, ٻنھي مان ڪھڙو، آلاجي، لجاڻا، خواھہ، يا، ڪہ، توڙي، ويجون يا نہ ويجون.

whet stone (ويٽ اسٽون) **n.** a stone for sharpening edged instruments; a stimulant, اوزارن کي تکي ڪرڻ جو پٿر، روھي، سراڻ، جوش ڏياريندڙ، سجاڳ ڪندڙ، ترغيب ڏيندڙ.

whew[1] or **wheugh** (ھيو، ويو ھوو) **interj, vi & n.** expressing wonder, relief or dismay; a whistling sound, esp one expressing astonishment, عجب جو اظھار ڪرڻ، ھو ھو، اوھو، غضب ٿي ويو، اھو ڪيئن ٿيو، عجب ڪائڻ، اچرج ۾ پوڻ، اف، ھاءِ ھاءِ، واءِ واءِ.

whew[2] (وھيو) **vi.** to bustle about گوڙ گھمسان ڪرڻ، تکڙي ھلچل.

whewellite (ھيو آلائٽ) **n.** calcicum oxalate, ڪيلشيم (چوني) مليل، ريوند چينيءَ جو سَتَ.

whey (وي) **n, adj.** the watery part of milk, separated from the curd, esp in making cheese; of or containing whey; like whey; whey-coloured, کير جي اندر سمايل پاڻيءَ وارو جزو، ڏھي يا ڏوئري مان ڪڍي ڌار ڪيل پاڻيٺ، ڏڌ جو پاڻي يا چاچ، چاچ جھڙو، چاچ جھڙي رنگ وارو.

which (وچ) **adv, conj, n.** what (thing(s) or person(s) of a number?) of what sort or kind? that; who or whom; used after a comma to add a clause commenting on something, the antecedent sometimes being a circumstance or statement, (سوال)ڪھڙو، ڪير، ڪھڙو ۽ تعداد يا انگ واريون شيون ۽ ماڻھو يا نمونو وارا؟، اھو، ھو، تہ، جو، جيڪو، اھڙو، ڪيرءِ ڪنھن کي، ڪيل لکت ۾ ھڪ فقرو ڳنڍي تشريح ڪرڻ.

whichever and whichsoever (وچ ايور اينڊ وچ سو ايور) **pron, adj.** every one that; any one, no matter which, ھر ھڪ جيڪو ۽، ڪوئي ۽، ڪھڙو يا ڪير، خواھ ھي خواھ ھو، جيڪوئي، ڪھڙو ۽، جو، جو ۽.

which is which (وچ از وچ) which is the one and which is other, ڪير ڪھڙو آھي، سڃاڻپ ڪرڻ.

whicker (وڪر، ھڪر) **vi, n.** to neigh; to bleat; to snigger, titter; a neigh, bleat or titter, ھڻڪ (گھوڙي جي) ڪرڻ، (ٻڪريءَ جي) ٻيڪ ڪرڻ، دٻيل کل کلڻ، ھلڪي طرح روڪيل انداز ۾ کلڻ، ھڻڪ، ٻيڪ يا دٻيل کل.

whid (وڊ، ھڊ) **n.** a rapid noiseless movement; to move quickly, to whisk; a lie; a word; a quarrel; to lie, تکي بي آواز چرپر، تيز ھلڻ، چنبڪو ڏيڻ، جھوٽو ڏيڻ، سمھڻ، ليٽڻ، اکر يا لفظ، جھڳڙو يا جھيڙو، ڪوڙ ڳالھائڻ، ڪوڙ.

whidder (وڊر) **vi.** to whiz, سرڙاٽ، سوَساٽ، يُون يون ڪرڻ.

whidding (وڊنگ) **vi.** to speak good words, سھڻا لفظ چوڻ، سھڻو ڳالھائڻ، وڻندڙ يا سٺا لفظ ڳالھائڻ.

Whiledon (ويلڊن) **adj.** denoting a type of pottery with a mottled under glaze in green, yellow and brown, made in the factory of Thomas Whieldon of Staffordshire, برطانيہ جا ناميل ٺڪر يا چينيءَ جا ٿانوَ جن تي ھلڪي سائي، پيلي ۽ ناسي رنگ ۾ چٽسالي ڪيل ھجي.

whiff[1] (وف) **n.** a sudden puff of air or smoke from the mouth; a slight inhalation; a puff of smell, often an unpleasant one; a slight blast; a small amount esp of something causing or associated with a transient sensation; a slight trace or suggestion; a discharge of a shot; a cigarette; a small cigar; a jiffy; a failure to hit the bell; a light kind of outrigger boat; a small signal flag; a glimpse, (ھوا يا دونھين جو وات مان اوچتو نڪتل) ڦوڪارو يا دم، ساھ اندر نيڻ، ھلڪو ڦتاڪو يا ڌماڪو، جوش يا ھراس، اڻ لکو اھڃاڻ يا ڏس، اشارو ۽ چتاءُ، نڪتاءُ جو نڪرڻ يا جاري ٿيڻ، (ھوا جو) جھونو، (چلم جي) سوٽ، ڦوڪ، ڦوڪ ڪڍڻ، دونھون ڇڏڻ، سگريٽ، ننڍو چروٽ، گھڙي پل، گھنٽي کي ڌڪ ھڻڻ يا وڄائڻ کان ناڪامياب ٿيڻ، جھنڊي، جھلڪو، جھلڪ، ننڍي ٻيڙي، اشارو.

whiff[2] (وف) **n.** a fish related to the turbot, تراڪڙي پر ويڪري بدن واري مڇي.

whiff[3] (وف) **vt.** to fish with a hand line towed behind a boat, ٻيڙيءَ ۾ چڙھي ھٿ واريءَ ڏوريءَ سان مڇي پڪڙڻ.

whiffet (وفٽ) **n.** a paltry person, a whipper snapper; a little dog, رواجي ماڻھو، ناچو، شڪاري ڪتي جو سنڀاليندڙ، ننڍڙو ڪتو.

whiffle (وفل) **vi, vt.** to blow in puffs; to move as if blown by a puff; to talk idly; to make a slight whistling or puffing sound; to veer; to vacillate; to prevaricate, سَوڻا ھڻڻ، ڦوڪ ڪڍڻ، ھوا جي تنوار، آھستگيءَ سان ڳالھائڻ، سيٽي يا ڦوڪ سان آواز ڪرڻ، ڦرڻ يا ڦيرائڻ، گھمڻ، دل ھڻڻ ڪسڻ، گوڻتاٽ ڪرڻ، زبان ڦيرائڻ، جھاز جو رخ ڦيرائڻ، ڦري

وجڻ، انڪاري ٿيڻ، انڪار ڪرڻ.

whiffler (وفلر) **n.** an official who clears the way for a procession, هڪ عملدار (جيڪو جلوس لاء رستو صاف ڪري يا رنڊڪون هٽائي).

whift (وفٽ) **n.** a slight puff or blast; a snatch of music or song; a small signal flag, هلڪي ڦوڪ يا ڌماڪو. ساز يا راڳ جو جهلڪو. (اشاري ڏيڻ جي) جهنڊي.

whig (وگ) **vt, vi & n.** to jog along; to urge forward; sour milk; whey; buttermilk; to curdle, گڏ هلڻ. گڏجي هلڻ. اڳتي وڌڻ لاء حڪم ڏيڻ. سڌڻ. ڦٽل کير. کير يا ڏڌ جو پاڻي. مکڻ وارو کير. کير ڄمڻ يا ڄمائڻ. ڏؤنرو ڄمائڻ.

whigmaleerie or **whigmaleery** (وگ ملري) **n.** a trinket or knick-knack; a fantastic ornamentation; a whim, هڪ ڇلو يا منڊي. ننڍو يا هلڪو زيور يا ڳهه. سينگار واري شيء. ريجهه. ترنگ. پور. لهرو. وهم.

while (وائيل) **n, conj.** a space of time; time and trouble spent; during the time that; at the same time that; as long as; whereas; although; notwithstanding the admitted fact that; until, وقفو يا فرجو. وقت جو استعمال. جنهن وقت. ساڳئي وقت. جڏهن. جيستائين ڪر. جيئن ته. جيتوڻيڪ. دير. مدت. عرصو. ٿورو وقت. وٿي.

whiles (وائيلس) **conj.** while, at the same time that; until, جڏهن. جيئن ته. ساڳي وقت. جيستائين ڪر جيسين. اگرچ. جيستوڻي. جيتر. جنهن وقت ۾. جيتري ۾. هيڏانهن.

whilly (ولي) **vt.** to wheedle, cajole, برغلائڻ. ڦسلائڻ. ڪنهن ڳالهه تان لاهڻ. هٽائڻ.

whillywha or **whillywhaw** (ولي يا هلي هوا) **vt, n, adj.** to coax, wheedle or cajole; cajolery; a coaxing, insinuating person; smooth-tongued, wheedling, مڃائڻ. چٽ پٽڻ. برغلائڻ. ڳلٿو پٽڻ. ڦسلائڻ. هٽائڻ. لاهڻ. برغلائيندڙ. ڳلٿو پٽيندڙ. ڏتاريندڙ. ڦيرائيندڙ.

whilom (وائلم) **adv, adj.** formerly, once, former, اڳوڻو يا اڳئين زماني يا وقت وارو. سابق. ڪنهن وقت. هڪ دفعي يا پيري. اڳوڻو يا سابق. گذريل وقت وارو. گذريل وقت ۾.

whim (وم) **n, vi & vt.** a caprice; a fancy; a fantastic creation of brain or hand; a whimsical person; a vertical rope drum revolved by a horse, used for hoisting from shallow shafts; (of the head) to turn round, swim; to be whimsical; to desire, capriciously; to turn aside or put off by a whim, خيال. وهم. ترنگ. جڃڪي. لهرو. بدڪي. پور يا ريجهه. شوق (هٿ جي ناهيل عجيب شيء. سودائي ٿيڻ. (پورالي نموني) سوچڻ يا ارادو ڪرڻ. پاسي ٿيڻ. لاماري سان لاهي اجلاڪي ڇڏڻ. ڦيرائي ڇڏڻ.

whimberry (وم بيري) **n.** a localized name for the bilberry or whortleberry, جاڳري ٻير. لڪرين تي، پيدا ٿيندڙ ٻير جو ٻوٽو. ٻير جنس ٻوٽو.

whimbrel or **wimbrel** (وم بريل) **n.** a species of small curlew, ننڍو ڦوڪيارو پکي. ننڍو سينڊارو. ڪروانڪ (پکي).

whimper (ومپر) **n, vt, vi.** to cry feebly or plaintively; to utter plaintively or in a whimper; a feebly plaintive cry, روئڻ. رڙيون دانهون ڪرڻ. ڏک يا غم ۾ پرچي ڳالهائڻ. درد ڀريل دانهن. ڪنجهڻ. ڪرڪڻ. ٻارن جيان روئڻ. ميڪڻ.

whimsical (ومزيڪل) **adj.** full of whims; odd, fantastical; delicately fanciful; expressing gently humorous tolerance, پوَرن يا سوداء سان ڀريل. بي ڍؤلو. عجيب. عمدي نموني وارو. پورالو. وهمي. خشڪي. ريجڪي. رواڻو. عجب جهڙو. ترنگي. لهري.

whimsy or **whimsey** (ومزي) **n, adj.** delicately fanciful behaviour; gentle fantasy; a whim or freak of fancy; something odd or quaint; full of whims, changeable; quaint, odd, عمدي چال. پور يا خيال. ريجهه. بي ڍؤلو. عجيب نموني جو. بدلجڻ جهڙو. عجيب. بي ڍؤلو. پورالو. ڦيرالو. ڦرڻو گهرڻو.

whim-wham (وم ويَم) **n.** a ridiculous notion; an odd device; a fanciful trifle, کل جهڙو خيال يا راء. عجيب رٿ يا تجويز. وهمي يا پورالو. ميڻاء. عجيب شڪل واري شيء يا اوزار.

whin (ون) **n.** gorse, furze; abounding in whins, رتر ٻولو. ٻوٽن ڀريل. گاهه گند وارو.

whin chat (ون چيٽ) **n.** a bird that frequents whins, very similar in appearance, esp when it assumes its duller autumn plumage, to the stonechat, to which it is related, جهرڪيء جهڙو ننڍو ٻوليندڙ پکي. ڳاڙهي ڦوسڙي. منڊيو پريو پکي. ڳاڙهو منڊڙيو.

whine (وائن) **vi, vt.** to utter a plaintive cry, whimper; to complain peevishly; to cry fretfully; to speak in a thin, ingratiating or servile tone; to express or utter in a whine; to say peevishly; to cause to make a whining noise, دردناڪ دانهن. ڪرڪڻ. ڪنجهڻ. چڙ يا بيزاري. رسڻ. تيسو ڪرڻ. رڙيون ڪرڻ. ميڪڻ. روئڻ. اوڪارڻ. اونڪارڻ. ڳالهائيندي ڏاڙهڻ. روئي چوڻ. جهڄڻ. سنهي همدردي ولڻ (خوشامند ۽ چاپلوسي جهڙي).

whinge or **wheenge** (ونج) **vi, n.** to complain peevishly; to whine; to cry fretfully; a peevish complaint, دانهن ڪرڻ. ميڪ ميڪ ڪرڻ. رسڻ. تيسو ڪرڻ. روئڻ. اوڪارڻ. ٻار وانگر روئڻ.

whinger (ونگر) **n.** a dirk or short sword, ڪٽاري. خنجر. ننڍڙي تلوار. ڇرو.

whinny (وني) **vi.** to neigh هڻڪڻ. هڻڪون ڪرڻ. گهوڙي وانگر هڻڪار ڪرڻ. خوشي ظاهر ڪرڻ.

whinstone (ون اسٽون) **n.** any hard and compact kind

of rock, usu basalt or the like; a piece of this, چپ يا پٿر، ميرالجهڙو پٿر، سياهه پٿر، ڪارو پهڻ.

whinyard or whiniard (ون يارڊ) **n.** a short sword or dirk, ننڍي ترار، ڪٽاري، خنجر، چرو، ڀالو.

whip (وپ) **n.** a lash with a handle for punishing or driving; a stroke administered by a whip or similar implement; an act of whipping or a whipping motion; a driver, a coachman; someone who enforces the attendance and discipline of a political party; a call made on members of parliament to be in their places in readiness for an important division; a whipper-in; a preparation of whipped cream, eggs etc, چهبڪ يا ڦٽڪو، وپ، (سياسي پارٽيءَ جو اسيمبليءَ جو رڪن جيڪو پين رڪنن کي حاضر ڪري، سياسي ڪارڪنن کي حاضر ڪرڻ ۽ منجهن ضابطو آڻڻ جو ڪم. پارليامينٽ جي ميمبرن کي ڪيل سڏ. شڪاري ڪتن کي گڏ ڪرڻ وارو. مختلف سودن کي ملائڻ واري مشين يا اوزار. ملايل مادو. چهبڪ هڻڻ. چهبڪ هلائيندڙ. ڊرائيور يا ٽانگي هلائڻ وارو. ڪوچوان.

whip and spur (وپ اينڊ اسپر) **adv.** with great haste, گهڻي اٻاهر سان. تکڙ ۾. تکڙ سان ڪرڻ. تکڙو ڪم. اٻهرو ڪم يا چلت.

whip-cord (وپ ڪارڊ) **n.** a cord for making whips; a fabric with a bold steep warp twill, used chiefly for dresses, suitings and coatings; a whiplike seaweed, اٽيل ڪپڙو، ڪوڙو نـاهڻ لا پٽي، سخت ۽ کهرو ڪپڙو. ڪوڙي شڪل ساموندي گاهه. ٿلهيءَ يا سخت ڪناريءَ وارو ڪپڙو.

whip jack (وپ جيڪ) **n.** a whining beggar who pretends to be sailor, پينو فقير (جيڪو پاڻ کي مسافر يا خلاصي سڏائي). ڪٺل خلاصيءَ جي روپ ۾ فقير.

whip lash (وپ ليش) **n. vi.** the lash of a whip; something resembling or suggesting the lash of a whip or its action; an injury to the neck caused by the sharp forwards and backwards wrenching it suffers in a vehicle collision; to move like a whiplash, ڦٽڪو. لڪڻ جهڙو. چهبڪ. لٺ. ڳچيءَ ۾ آيل زخم (موٽر جي حادثي واري حالت ۾). اڳتي ۽ پوئتي، سخت موڙ، چهبي يا چڪي اچڻ ڪري ٿيل ڪنڌ وارو سور. ڪنڌ کي جهٽڪو اچڻ. چهبڪ جي مار. چهبڪ وانگر گهمائڻ. لڪڻ وانگر مُڙڻ ۽ ڦِرڻ.

whipper (وپر) **n.** someone or something that whips; an official who inflicts the penalty of whipping, چهبڪ يا ڦٽڪا هڻندڙ. ڦٽڪن جي سزا ڏيندڙ عملدار. ڦٽڪائي.

whipper-in (وپر ان) **n.** an assistant to a huntsman, who controls the hounds; an official whose job is to enforce the discipline of a political party, whip; at any moment in a race, the horse in the last place; a little or young insignificant but pretentious or irritating person, شڪاريءَ جو مددگار (جيڪو سندس ڪتن کي سنڀالي). سياسي جماعت ۾ انتظام قائم ڪندڙ شخص. وپ. ڊوڙ جو آخري گهوڙو. اجايو ماڻهو. بيڪار ڪَر ڪندڙ انسان. نڪمو. ڪم چور. واڏو ماڻهو.

whipper snapper (وپرس نئپر) **n.** a cheeky young lad; any lowly person who behaves impudently, واتراڏو نوجوان ڇوڪرو. گهٽ درجي وارو ماڻهو. بي ادب ۽ بي فضيلت نموني سان هلت ڪندڙ ماڻهو. لرڙو. ڇيڪرو.

whippet (ويٽ) **n.** a breed of dog developed from a cross between a greyhound and spaniel or terrier; a racing-dog; a small speedy tank, گري هائونڊ ۽ اسپينيل يا ٽيريئر جي لڳ رستي پيدا ڪيل (شرط ڊوڙ ڪرڻ وارو) ڪتو. ڊوڙ ۾ حصو وٺندڙ ڪتو. تيز ڊوڙندڙ ڪتو. ننڍي ۽ تيز رفتار ٽئنڪ.

whipping (وپنگ) **n.** the action of lashing; corporal punishment, esp with a whip or lash; a defeat; a binding of twine at the end of a rope; material for binding in this way; overcasting, چهبڪ يا ڦٽڪا هڻڻ. دَرا هڻڻ. جسماني سزا يا مار. شڪست. ڍڪي ڇڏڻ. اوندهه ڪرڻ. رسيءَ جي پڇڙيءَ ۾ رسي ٻڌڻ. ٻڌڻ جو سامان. ڳنڍ ٻڌڻ. ڍڪڻ. ڇاپا وجهڻ. چاٺڻ. ڪلڻ.

whipping-boy (واپنگ بواءِ) **n.** a boy educated along with a prince and punished for the royal pupil's faults; anyone on whom falls the odium of, or blame and punishment for, the shortcomings of others, شهزادي سان گڏ پڙهندڙ شاگرد (جنهن تي ٻين جا ڏوهه ۾ پون). پرائي حصي جي مار کائيندڙ. ٻين جا ڏوهه ڪنندڙ. نڌڻڪو ٻار. لاوارث ڇوڪرو. زتيم ٻار.

whipping cream (وپنگ ڪريم) **n.** cream with enough butterfat in it to allow it to be beaten stiff, ملائي. ڪريم. ملائي گڏيل سودو.

whipping post (وپنگ پوسٽ) **n.** a post to which offenders are tied to be whipped; the punishment itself, لڪٽڪي (جنهن تي ٻڌي ڪوڙن جي سزا ڏجي). ڦٽڪن واري سزا ڏيڻ واري جڳهه. ڪوڙن جي سزا.

whippletree (وپل ٽري) **n.** the crosspiece of a carriage, plough, which is made so as to swing on a pivot and to which the traces of a harnessed animal are fixed, گاڏيءَ جي ڪامر. هَرُ. گهوڙي گاڏيءَ جو ٻمر.

whippoorwill (ويپوروِل) **n.** a species of nightjar native to N America, اتر آمريڪا جو ننڍو چاڦاڪو پکي.

whip saw (وپ سا) **n, vt.** a narrow saw for dividing timber lengthways, usu set in a frame and often worked by two people; to cut with a whipsaw; to have the advantage of at every point; defeat at every turn, چوکٽ يا فريم وارو ڪرٽ. ڪارائي. ڪرٽ سان وڍڻ يا چيرڻ (جيڪو ٻه ماڻهو هلائن). رانڊ ۾ هر ويڙهه کٽڻ. مڪمل سوڀ پائڻ. چهبڪي آرو. چوڪني آرو.

whip scorpion (وپ اسڪارپين) **n.** any arachnid of the order Pedipalpida, slightly resembling true scorpions but being without sting and usu having a whiplike appendage at the rear of the body, وڇُن ۽ ڪوريئڙن جهڙا جيت، غير نقصانڪار جيت، بنا ڏنگ وارو وڇونءَ جهڙو جيت.

whip snake (وپ سنيڪ) **n.** any of various snakes resembling a whiplash; an species of Philodryas, نانگ جيڪو ڪوڙي جي شڪل جهڙو هجي، مختلف قسمن جا سنها نانگ.

whip stall (وپ اسٽال) **n, vi, vt.** (aeronautics) a stall as the result of which the nose of the aircraft whips forward and down; to go or put, into such a stall, هوائي جهاز جو پنهنجي مقرر طريقي سان هلائڻ ۽ بيهارڻ جو طريقو.

whipster (وپسٽر) **n.** a term of contempt formerly with various meanings; a whipper snapper, ڌڪار جو لفظ، بي ادب، ڪميشو شخص، واتراڙو چوڪر، بڪوادي، ترڙو، بي فضيلت، بي فضيلتو.

whip stitch (وپ اسٽچ) **n, vt, vi.** a small overcasting stitch; a hasty composition; a tailor; a kind of half-ploughing or raftering, ننڍو لوبو ياسيبو، مضمون يا بناوت، درزي، اڌورو ڪاهيل هَرَ يا ڇت پڌڻ جو ڪم، لوبي جو نمونو.

whip stock (وپ اسٽاڪ) **n.** the rod or handle of a whip; in an oil well, a tapered steel wedge used to deflect the drill bit from a straight line, ڇڪي جو مُٺيو، لوهي چڙي، تيل جي کوهه جي ڇهنبدار رَڪ جي چير يا ڇيٽي.

whip the cat (وپ دي ڪيٽ) **vi.** to practise small economies; to work by the day as a dressmaker, tailor, going from house to house; to idle; to play a practical joke, ننڍڙيون بچتون ڪرڻ، درزڪو ڪم ڪرڻ (جنهن لاءِ گهر گهر وڃي ڪم وٺڻ يا اتي ويهي ڪرڻ)، عملي چرچو ڪرڻ، اجايو وقت وڃائڻ.

whip worm (وپ وَرم) **n.** a worm with posterior end thick and anterior long and thin, found parasitic in human intestines, ڪينئون جنهن جي پڇاڙي ٿلهي ۽ اڳيون ڌڙ ڊگهو ۽ سنهون آهي، ڇهبڪي ڪينئون، انساني آندن ۾ ٿيندڙ ڪيڙن جو قسم، سٽنڪليون.

whirl (ورل) **n, vt, vi.** a rapid turning; any of various devices that revolve rapidly, eg the whorl or flywheel of a spindle; another name for whorl in other senses; a brief trip; a quick turn on the dance floor; a round of intense activity; a giddy degree of emotion or excitement; a commotion or tumult; a circling or spiralling pattern; to revolve or circle rapidly; to move rapidly esp in an agitated manner; to throw violently, تڪڙو ڦيرو يا موڙ، الڪل، آڏاٽي جو ڦيٽو، وقتي يا مختصر دؤرو، ناچ جو تڪڙو ڦيرو، ڦڙتيءَ جو دؤرو، جوش يا جذبي وارو هلڻ، وکوڙ، هنگامو، ڦيري، مستي چڙهڻ جو طريقو، گول ڏاڪڻ تي چڙهڻ، تيز ڦيرو ڪرڻ، گول چڪر ڪاٽڻ، تڪڙو هلڻ، زور سان اڇلڻ، پيرڻ، ڦيرڻ، چڪر ڏيارڻ، گردش، گهمائڻ، ڦيري پائڻ، ڦرڻ، (گاڏيءَ ۾) پالواڻي اچڻ، آڏاٽي ولي وڃڻ، چڪر ڏيارڻ يا اچڻ.

whirl bone (وهرل بون) **n.** the round head of a bone turning in a socket; the knee-cap, گوڏي جو سنڌ، گول ڦرندڙ سنڌ، گوڏي جي ڍڪڻي، ڏاڪ ۾ لنگ وارو هڏو.

whirligig (ورلي گگ) **n.** a toy that spins or whirls round eg a top or paper windmill; a merry-go-round; any device that revolves rapidly; an ancient instrument of punishment consisting of a pivoted wooden cage in which the prisoner was spun round, رانديڪو، لاٽون يا هوا تي هلڻ واري پون چڪي، چوڏيل، هڪ سزا ڏيڻ جو اوزار (جنهن ۾ ماڻهوءَ کي بند ڪري انکي گول ڦيرائيو هو)، گول چڪرو، پوليوري، ڦرموني، ڦرلي، چرخي، ڦيراني، پانوالي.

whirligig beetle (وهرلي گگ بيٽل) **n.** any water beetle from their habit of whirling round on the surface of ponds. پاڻيءَ جو ٽنڊڻ، پاڻيءَ جي متاڇري تي گول ڦرندڙ جيت.

Whirling Dervish (ورلنگ درويش) **n.** one of an order of Muslim devotees who dance or spin round, the Dancing Dervishes, founded in 1273 (in Turkey), نچڻا درويش يا فقير، ترڪيءَ جو هڪ مذهبي فرقو.

whirling-table (ورلنگ ٽيبل) **n.** a machine exhibiting the effects of centripetal and centrifugal forces; a potter's wheel, (ڪنهن ڪَلَ جو هلڻ يا ڦرڻ مهل) مرڪز ڪان پري ويندڙ يا مرڪز ڏي ايندڙ حصو، ڪنڀار جو چڪ، گردي جدول.

whirl-pool (ورل پول) **n.** a circular current in a river or sea, produced by opposing tides, winds or currents; an eddy; a huge whale-like sea monster, درياهه يا سمنڊ ۾ ڪُن يا آوِڙو، تيز وهڪرن جو ڪُن يا گهمرو، گرداب، پاڻيءَ جو وٽ، ڀنور، مانگر مڇ، سامونڊي اجگر جانور.

whirlwind (ورل ونڊ) **n, adj.** a small rotating windstorm, which may extend upwards to a height of many hundred feet, a miniature cyclone; something which moves in a similarly rapid and usu destructive way; describing anything that develops, rapidly or violently, واچوڙو، (تيزي سان ۽ گهڻي زور سان وڌندڙ) هوا جو گول چڪر، گرد باد، چڪردار هوا، گرداب هوا.

whirr or whir (ور) **n, adv, vi & vt.** the sound of a rapid whirling or vibratory motion; to turn or spin with a humming noise; to fly or move with such a sound; to hurry away with, or as if with, a whir-

ring or whizzing sound, تيز گهمرا يا ڏڏڻ وارا لوڏا، گهمرا يا ڦيرا کائڻ، تکو تکو ڪٽي هليو وڃڻ، ڦيرائيءَ يا ڦرڻيءَ وانگر تيز رفتار سان وڃڻ، ڦرڻيءَ جي ڦرڻ جو آواز، سنهون ڦرڻ وارو آواز، گول ڦرڻ.

whirret (ورٽ) **n, vt.** a blow; to give a sharp blow to, ڌڪ، تيز يا تکو ڌڪ، تيز ڌڪ هڻڻ.

whish (وش) **vt, vi, n & interj.** to move with the whizzing sound of rapid motion; to call 'whish'; to drive (animals) with calls of 'whish'; the rushing or swishing sound of rapid movement through the air; imitative of a rushing sound or movement; calling for silence, hush!, to silence, fall silent or be silent, تيز آواز سان سڌڻ، جانورن يا ڍورن کي هَش هش ڪرڻ، هوا جو تيزيءَ سان هلڻ سبب آواز، تيز رفتار سان نڪري وڃڻ يا هلڻ چلڻ، تيز رفتاري، ڦرڻيءَ وانگر آواز ڪري هلڻ، هَش هَش ڪرڻ، چپ چپات ٿي وڃڻ، خاموش ٿي وڃڻ، خاموش ڪرائڻ، خاموش، خاموشي.

whisht (وشت) **interj, n, adj, vt & vi.** calling for silence, hush! silence; a whisper; silent; to keep silent, ماٺ ڪرائڻ، خاموش ڪرڻ، سُس پُس جو آواز، ماٺ ڪرڻ، خاموش ٿيڻ، بس، چپ، ماٺ، خاموشي.

whisk (وسڪ) **vt, vi & n.** to move quickly and lightly; to sweep rapidly; to beat (eggs, cream) with a quick, light movement; to move nimbly and rapidly; a light rapid sweeping motion; a small bundle or tuft of anything used as a brush; a small hand-held utensil for beating or whisking eggs; a flexible implement for swatting flies, جهپڪو، جهونٽو، چنبڪو، بهاري، چؤنر، (چؤنر جي) تنوار، (هوا جو) جهونٽو، پڇ جو لوڏو، جهپٽيو ڏئي ڪٽي وڃڻ، چنبڪو ڏيڻ، (بيضو) آنڊ، ماندائڻ، اڏائي ولي وڃڻ، تکڙو ۽ هلڪائيءَ سان هليو وڃڻ، ڦيٽڻ يا ملائڻ، ڦڙتائي ۽ تيزيءَ سان هلڻ، تيز چرپر يا هلچل، برش يا پوچي، بيضن ملائڻ جو منڌيڙو، مکيون هڪلڻ وارو تاڦو يا اوزار.

whisker (وسڪر) **n.** someone or something that whisks; any of the long coarse sensory hairs growing round the mouth of a cat, mouse; a coarse hair growing on a human face, a man's moustache or beard; a hair's breadth, a very narrow margin; a very thin strong fibre ڏيندڙ، ٻلي يا ٻهاري ڪوئي جون مُڇون، ڏاڙهيءَ ۽ مُڇن جا سخت وار، سنهو وار، سنهي ڪناري، مچ جهڙو سنهو ۽ تکو وار، سخت تار جهڙي ڏوري.

whiskerando (وسڪرنڊو) **n.** a whiskered person, in allusion to Don Ferolo, وڏيءَ ڏاڙهيءَ ۽ مڇن وارو ماڻهو.

whisking (وسڪنگ) **adj.** moving briskly, تکو، تکڙو يا تيز هلڻ.

whisky (وسڪي) **n.** as legally defined, a spirit obtained by distillation from a mash of cereal grains saccharified by the diastase of malt; formerly applied also to a spirit obtained from potatoes, betroot or any starch-yielding material; a glass of any of such spirits, شراب، وسڪي، ڪشيد ڪيل نشي آور مادو، شراب جو قسم، نشي آور مشروب، خمار آڻيندڙ مادو، شراب جو گلاس.

whisky-liver (وسڪي لِور) **n.** cirrhosis of the liver, from two much whisky, شراب پيڻ ڪري ٿيندڙ جيري جي بيماري، جيري جو ڳار، صلابت جگر.

whisky mac (وسڪي مَيڪ) **n.** a mixed drink of whisky and ginger wine, وسڪي ۽ سُنڍ جو عرق مليل پائيت.

whisky toddy (وسڪي ٽاڊي) **n.** a toddy having whisky for its chief ingredient, ڪجيءَ جو عرق، تاڙيءَ وارو شراب.

whisky john (وسڪي جان) **n.** the grey or Canada jay, چالهه پکي، ڪئناڊا جو ست رنگو پکي.

whisper (وسپر) **vt, vi & n.** to speak by breathing rather than voicing one's words; to speak in a low voice; to speak covertly, spread rumours; to plot secretly; to make a rustling sound, or a sound like soft speech; to utter in a low voice or under the breath, or covertly or by way of gossip; a low hissing voice; a hissing or rustling sound; a secret hint; a rumour, پشڪو، سُس پُس ڪري هوريان چپن ۾ ڳالهائڻ، ڌيمي آواز ۾ ڳالهائڻ، لڪائي ڳالهائڻ، افواهه ڦهلائڻ، ڳجهيءَ طرح منصوبا ٺاهڻ، کڙ کڙ يا ڦڙ ڦڙ جهڙو آواز، هلڪي آواز ۾ ڳالهائڻ، سُس پُس ڪرڻ، چپن ۾ ڳالهائڻ، ڳجهي صلاح يا ڏس، ڪَن جون ڳالهيون ڪرڻ، جهونگارڻ، آهستي چوڻ، پشڪڻ، ٻاٻوڙ، پڻ پڻ، جهونگار، پشڪار، پشڪو.

whisperer (وسپرر) **n.** someone who whispers; a secret informer, چغل خور، سس پسيو، لڪل جاسوس.

whispering gallery or dome (وسپرنگ گيلري آر ڊوم) **n.** a gallery or dome so constructed that a whisper or slight sound is carried to an unusual distance, ڪنهڙو، بالاخانو يا قبو جنهن ۾ پشڪي جو آواز به پڙاڏو ڪري ۽ پري تائين پڌرو ٿئي، مخروطي اڏاوت، گنبد واري جاءِ.

whiss (وس) **vi.** to hiss, whistle, wheeze, etc, ڦوڪون ڏيڻ، سيٽيون وڄائڻ، سهڪڻ، ڏاڍيان ساهه کڻڻ، ساهه ۾ سيٽي وڃڻ.

whist[1] (وسٽ) **n.** a card game played by two against two, in which the object is to take a mojority of the thirteen tricks, each trick over six scoring one point, پتن جي راند، پيس ڪوٽ.

whist[2] (وسٽ) **interj, adj. vt, vi.** hush; silence; be still; hushed, silent; attentive; to become silent; to hush or silence, ماٺ، چُپ، چپ ڪري ويهڻ، ماٺ ڪيل، چُپ

ڪري بيٺل، خبردار، ڌيان ڏئي بيٺل، خاموش، بس، ماٺ وارو.

whistle (وسل) **vt, vi, n.** to make a shrill sound by forcing the breath through the pursed lips or the teeth; to make this sound in derision; to make this sound as a call or signal; to send with a whistling sound; an act of whistling; a simple wind instrument consisting of a wooden or metal pipe with finger holes; a summons; the throat, سنهو، تکو يا چيچاٽ وارو آواز، مسخري يا مذاق، اشارو، سيٽي وڄائڻ، ڦوڪ رستي وڄندڙ ساز، بين، بانسري، الغوزو، مرلي، گلو يا نڙي، سڏ، سيٽي وڄائي سڏڻ.

whistle fish (وسل فش) **n.** a rockling, ڪاڊ مڇي جنس جي ننڍي مڇي.

whistler (وسلر) **n.** one or a thing that whistles; a large kind of marmot; a broken winded horse; a mythical bird whose whistle is fatal to the hearer, سيٽي وڄائيندڙ، نوريئڙو، ٽڪل يا ڪڙهيل گهوڙو، ڪوڪڻ، سوساٽ، گهوگهاٽ، (خيالي) پکي جنهن جي سيٽي ٻڌڻ واري لاءِ موت مار ثئي، سيٽي وڄائي، سيٽائي، گهوگهو، سينڊر.

whistling kettle (وسلنگ ڪيٽل) **n.** a kettle whose spout is fitted with a device that gives a whistling sound when steam escapes through it, indicating that the water in it is boiling, ڪتلي جنهن ۾ جڏهن پاڻي ٽهڪي وڃي ته سيٽيءَ وارو آواز ڪري، سيٽيءَ واري ڪتلي.

whistling shop (وسلنگ شاپ) **n.** somewhere such as a room in prison, where liquor was sold without a licence, جيل جي اها جاءِ جتي غير قانوني شراب وڪامجي.

whistling swan (وسلنگ سوان) **n.** an American swan with a melodious whistling call, آمريڪي هنج (جيڪو سيٽيءَ وارو آواز ڪيندو آهي)، چيهو هنج.

whit (وٽ) **n.** the smallest particle imaginable ننڍي ۾ ننڍو ذرڙو، ٿوري ۾ ٿورو ٽڪرو، ڪڻ، رتي، ذرو، ٿورو.

white (وائيٽ) **adj, n.** of the colour of a snow, the colour that reflects the maximum and absorbs the minimum of light rays; snowy or snow-covered; belonging to one of the pale skinned, European races; relating to or characteristic of these; abnormally pale, pallid, bloodless; colourless; (of hair) lacking pigment, as in old age; (of the soul) innocent, pure unblemished, purified from sin; bright; (of steel) burnished; (of silver) unburnished; (of bread) made with white flour; clothed in white; auspicious; favourable; reliable, honest, upright, honourable; a white person, اڇو، برف جهڙي رنگ وارو، برف سان ڍڪيل، ڦڪي رنگ وارو، غير رواجي ڦڪو، ساوو ڦڪو، زردو، رت ڪالسواءِ، بي رنگو، وارن جو بي رنگو ٿيڻ، بي قصور، پاڪ دامن، بي ڏوهي، گناهن کان پاڪ، چمڪندڙ، اوجاريل يا چمڪايل رڪ، اڻ اوجاريل چاندي، اڇي اٽي مان ٺاهيل ماني، اڇا ڪپڙا پهريل، سڳورو، سڀاڳو، مهربان، اعتبار جوڳو، ايماندار، انصاف وارو، عزت ڀريو، اڇو ماڻهو، يورپي ماڻهو، پورو، گورو، بگو انسان، نقرو گهوڙو، بيداغ، پريو مڙس، سفيد ريش، بي رنگ.

white admiral (وائيٽ ايڊمرل) **n.** any of a genus of butterflies of the same family as the red admiral, having white bands on the wings, پتنگن جي جنس جن جي پرن تي اڇا چٽ آهن، اڇن چٽن وارو پتنگ يا پروانو.

white ale (وائيٽ ايل) **n.** ale brewed or mixed with ingredients such as flour, eggs that give it a whitish colour, جَون جو شراب، اڇي رنگ يا کير رنگ شراب.

white ant (وائيٽ اينٽ) **n.** a termite, اڏوهي، اڏهي، اڇي ماڪوڙي.

white arm (وائيٽ آرم) **n.** a sword, bayonet or lance, ترار، تلوار، سنگين، نيزو، ڀالو.

white bait (وائيٽ بيٽ) **n.** the fry of various species of herring, sprat, ننڍين مڇين واري جنس، مڇين جا ڪچا ٻچا.

white bass (وائيٽ باس) **n.** a silvery food fish of the American Great Lake region, چانديءَ جي رنگ واري آمريڪي مڇي، بام، سنگ ۽ گسر جنس مڇي.

white beam (وائيٽ بيم) **n.** a small tree with leaves white and downy on the underside, ننڍو وڻ جنهن جا پن هيٺين طرف کان اڇا ٿين، سفيدو (بوٽو).

white bear (وائيٽ بيئر) **n.** the polar bear, آرڪٽڪ قطبن وارو اڇو رڇ، اڇو قطبي رڇ، برفاني رڇ، سفيد رڇ.

white beard (وهائيٽ بيئرڊ) **n.** an old man, ٻڍو، ڪراڙو، پوڙهو ماڻهو، اڇيءَ ڏاڙهيءَ وارو، بزرگ، مڙهو.

white bonnet (وائيٽ بونيٽ) **n.** someone employed to bid at an auction to raise prices, هٽ سان بيهاريل ماڻهو جيڪو نيلاميءَ جي موقعي تي واڪ وڌائڻ لاءِ رکيو وڃي (ته جيئن قيمت وڌيڪ ملي)، دلال.

white boy (وائيٽ بواءِ) **n.** a favourite boy, a white headed boy, پيارو ڇوڪرو، اڇي مٿي وارو ڇوڪرو، پورن وارن وارو ڇوڪرو، سهڻو ڇوڪرو.

white brass (وائيٽ براس) **n.** an inferior alloy of copper and zinc, ٽامي ۽ جست جي ملاوت وارو ڌاتو.

white cap (وائيٽ ڪيپ) **n.** the male redstart or other bird with light-coloured head; a crested wave; a member of a self constituted vigilance committee who, under the guise of purifying the morals of the community, deal violently with persons of whom they disapprove, چوٽيءَ وارن پکين جو ولر، چوٽي واري پکيءَ جو قسم، هڪ هٽ نوڪي تنظيم جنهن جا ڪارڪن سڌارن جي بهاني پنهنجن مخالفن کي ختم ڪن.

white blood cell (وائيٽ بلڊ سيل) **n.** a colourless blood

cell involved in the protection of the body from infection, a leucocyte, بي رنگو رت جو جزو، رت جو اڇو جزو (جيڪو بيمارين کان بچاءُ ڪري ٿو).

white coat (وائيٽ ڪوٽ) **n.** a wearer of a white coat, eg a hospital doctor or a soldier; a seal pup in its first furry white pelt, اڇو ڪوٽ پهريندڙ، ڊاڪٽر، سولجر سپاهي، گوج مڇيءَ جو ٻچو.

white collar (وائيٽ ڪالر) **adj.** relating to designating the class of workers, such as clerks who are not engaged in manual labour, ڪلارڪ ۽ ٻيو ساڳئي درجي وارو ملازم، هٿ جو پورهيو نه ڪندڙ ڪاسبي، ٽيبل تي ڪم ڪندڙ ننڍو عملدار، لکپڙهه ڪرڻ وارو ملازم.

white-collar crime (وائيٽ ڪالر ڪرائيم) **n.** crimes entailing intellectual effort (as distinct from violent crimes, larceny) such as computer fraud, embezzlement, پڙهيل لکيل ماڻهن طرفان ڪيل ڏوهه، ڪمپيوٽر رستي ٺڳي، پيسن ۾ خيانت يا غبن ڪرڻ.

white copper (وائيٽ ڪاپر) **n.** a light-coloured alloy of copper, ٽامي جو ملاوٽي ڌاتو، اڇو ٽامو، سفيد ٽامو، گلٽ (ڌاتو).

white corpuscle (وائيٽ ڪارپسل) **n.** a white blood cell; a leucocyte, (رت جو) اڇو جزو، سفيد ذرڙا، سفيد جزا.

white crested or crowned (وائيٽ ڪريسٽيڊ آر ڪرائونڊ) **adj.** (of birds) having a white crest or crown, (مٿي تي اڇي چوٽي يا طري وارو) پکي، اڇي تاج وارو پکي، اڇي ڪلنگيءَ وارو پکي، اڇي چوٽيءَ وارا تتر ۽ طوطي پکي.

white crops (وائيٽ ڪراپس) **n.pl.** grain crops such as barley, rye and wheat that lighten to a pale gold as they ripen, جَو، رائي، ڪڻڪ جهڙا اناج، اڇا يا پورا اَن.

white damp (وائيٽ ڊئمپ) **n.** a poisonous mixture of gases with carbon monoxide predominating occurring in coal mines, (ڪوئلي جي کاڻين اندر) جمع ٿيندڙ زهريلا گئس.

whited sepulchre (وائيٽيڊ سيپلڪر) **n.** someone professedly righteous but inwardly wicked, a hypocrite, سچائيءَ جو پرچار ڪندڙ پر اندروني طرح مڪار، ٺڳ، دغاباز شخص، منافق.

white-elephant (وائيٽ ايليفنٽ) **n.** anything that gives more trouble than it is worth (white elephant being an honourable but onerous gift from the kings of Siam to a courtier they wished to ruin); an unwanted possession, often given away to a jumble sale; something which proves to be useless; an elephant of Siamese origin. اهڙي شيءِ جنهن مان فائدي جي بجاءِ نقصان ٿئي، اهڙو تحفو جيڪو سهوليت بجاءِ جزا ثابت ٿئي، اهڙي ملڪيت جيڪا سنڀالي نه سگهجي، ڪنهن ڪم جي به نه هجڻ، هڪ برما ۽ ٿائلنڊ جي علائقي جو اڇو هاٿي.

white-eye (وائيٽ آءِ) **n.** any bird of the genus Zosterops or of related genera of the family, most species of which have a conspicuous ring of minute white feathers round the eye, چشمر پکي (جنهن جي اکين جي چوڌاري گول اڇي پٽي آهي)، پيلي مٿي واري جهرڪي، عينڪ وارو پکي، عينڪيو پکي.

white-eyelid monkey (وائيٽ آءِ لڊ مانڪي) **n.** any of the mangabeys, monkeys with white upper eyelids, مينگابي پولڙا، اکين جي چوڌاري اڇين ليکن وارا پولڙا.

white-face (وائيٽ فيس) **n.** white make-up, esp as worn by a traditional type of clown, مسخرن وارو ميڪ اپ، اڇو پوٽ، جوڪر، مسخرو.

white faced (وائيٽ فيسڊ) **adj.** having a face pale with fear or from illness; wearing white makup, eg as a clown; (of animals) having the face or part of it, white; with white front, (خوف يا بيماري سبب) منهن جو پيلو يا ڦڪو هجڻ، جانور جن جي منهن جو ڪو حصو اڇو هجي، اڇي اڱواڙي وارو، اڇي پوٽ وارو، بگو، بگ وارو، مسخرو، جوڪر.

white feather (وائيٽ فيدر) **n.** a sign of cowardice بزدلي يا نامرديءَ جي نشاني، اڇو کنڀ ڏيکارڻ.

white fish (وائيٽ فش) **n.** a general name for such fish as the whiting, haddock, plaice, cod, sole, manhaden any species of Coregonus, مختلف قسمن جون چانديءَ يا اڇي رنگ واريون مڇيون.

white flag (وائيٽ فليگ) **n.** an emblem of truce or surrender, صلح ڪرڻ يا آڻ مڃڻ جو نشان.

white fly (وائيٽ فلاءِ) **n.** any of several insect pests belonging to the family Aleurodidae, جيتن جي جنس، اڇي مک (ڪيڙن جو نقصانڪار جيت)، سفيد مک.

white-footed mouse (وائيٽ فوٽيڊ مائوس) **n.** the deer mouse, هرڻ مهانڊي ڪوئو، هرڻ ڪوئو، هرڻ موش، اتر آمريڪا جا هرڻ وانگر ٽپ ڏيندڙ ڪئا.

White Friar (وائيٽ فرائير) **n.** one of the Carmelite order of friars, so called from their white clothing, سنياسي فقير (جيڪي اڇي پوشاڪ پائين)، هڪ مذهبي فرقو.

white frost (وائيٽ فراسٽ) **n.** hoarfrost, (پوکن تي) اڇو پارو، سنهي برف جو تهه، ڪڪهه پارو.

white gold (وائيٽ گولڊ) **n.** gold alloyed with nickel or palladium to give it a white colour, سون کي قلعي يا پئلاڊيم سان ملائي اڇو رنگ ڏيڻ، اڇو سون.

white goods (وائيٽ گڊس) **n.** household linen; refrigerators, washing machines, dish-washers; freezers and similar appliances, usu painted with white enamel, اڇي رنگ وارو گهرو سامان، جيئن لٽا ڪپڙا، ريفريجريٽر،

لتن ڏوڻڻ جون مشينون، ڻالون مانجڻ جون مشينون، فريزر، ڪلون.

white-haired (وائيٽ هيئرڊ) **adj.** having white hair; white-headed, darling, اڇن وارن وارو، اڇي مٿي وارو، پيارو، محبوب.

white-handed (وائيٽ هئنڊيڊ) **adj.** having white hands or paws; having hands unstained with a guilt, اڇن هٿن يا چنبن وارو، ڏوهہ گناهہ کان صاف، پاڪ، بي ڏوهو، بي گناهہ.

white-head (وائيٽ هيڊ) **n.** the blue-winged snow goose, a breed of domestic pigeons; a pimple or pustule with a white top, نيرن کنڀن وارو برفاني هنج، گهرو اڇو ڪبوتر، موهيڙو، ڦوڦيندو، ڦلڪڻو.

white-headed (وائيٽ هيڊيڊ) **adj.** (of an animal) with a wholly or partly white head; having white or flaxen hair, اڇي مٿي وارو جانور، اڇا ڦڪا يا پيلا ٿيل وار، رنگا رنگي وار.

white-heart or **white-heart cherry** (وائيٽ هارٽ يا وائيٽ هارٽ چيري) **n.** a cultivated cherry, related to the gean, with soft, tender flesh and pale skin, اڇي ليار جو وڻ، اڇي چيري ميوو.

white heat (وائيٽ هيٽ) **n.** the degree of heat at which metals, emit white light; an intense degree of emotion, passion, activity, keenness, etc, گرميءَ جو درجو جنهن تي ڌاتو اڇي روشني ڇڏيندا آهن، جوش، ڪاوڙ، تڪليف، محبت، سرگرمي، چاهہ، وڏو درجو، جذبو، شوق، سفيد حرارت.

white herring (وائيٽ هيرنگ) **n.** a fresh or uncured herring, تازي ڪرڙي، پالي، ترلي، ڪارلي، گيڙي تازي مڇي.

white hole (وائيٽ هول) **n.** a suggested source of the matter and energy observed flowing into the universe, مادي ۽ طاقت جو ذريعو، ڌرتيءَ تي موجود قوت جو سرچشمو.

white honeysuckle (وائيٽ هني سَڪل) **n.** an azalea known also as the clammy or swamp azalea, هڪ چيڙهالو، لڳ لڳ دار يا ڪپ وارو ٻوٽو.

white hope (وائيٽ هوپ) **n.** a person on whom hopes for success, honour are grounded شخص جنهن تي ڪاميابيءَ ۽ عزت جون اميدون رکيون وڃن، آخري اميد، آخري سهارو، پرجهلو.

white horse (وائيٽ هارس) **n.** a white-topped wave; a figure of a horse on a hillside, formed by removing the turf from the underlaying chalk, the most famous being in Oxfordshire at Uffington, اڇ يا ڪڄيءَ پريل چولي يا وير، اڇي گهوڙي جي تصوير، جبل تي بيٺل گهوڙي جو ناهيل بت (جيڪو آڪسفورڊ ۾ لڳل آهي).

white iron (وائيٽ آئرن) **n.** pig iron or cast iron in which all the carbon is in chemical combination with the iron, ڪهاڙو يا پاڻو لوهہ، اڇاڻ مائل لوهہ، سفيد لوهہ، قلمي لوهہ، لين.

white knight (وائيٽ نائيٽ) **n.** a person who rescues a company from an unwanted takeover bid, شخص جيڪو ڪنهن ڪاروباري اداري کي اڻ گهرڙيل قبضي هيٺ اچڻ کان بچائي، مددي ذريعو، مددگار شخص.

white knuckle (وائيٽ نڪل) **adj.** giving rise to extreme anxiety, alarm or terror, گهڻي ڳڻتي، فڪر يا خوف، خوف ۾ هٿ پير اچا ٿيڻ، چپ اچا ٿيڻ، ڊپ ۾ اچو ٿي وڃڻ.

white-knuckle ride (وائيٽ نڪل رائيڊ) **n.** a fairground roller-coaster or any similarly terrifying ride, هڪ خوفناڪ چوڏيل يا سواري (جنهن تي سوار ٿيندڙن جا هٿ پير خوف ۾ اڇا ٿي وڃن)، تيز رفتار چڪرو، تيز رفتار سَواري.

white lady (وائيٽ ليڊي) **n.** a spectral figure said to be associated with the fortunes of a family, as in some German castles; a cocktail made of gin, orange liqueur and lemon juice; methylated spirits as a drink, sometimes mixed with similar substances, ڪنهن خاندان جي ڀاڳ يا بخت سان لاڳاپيل خوبصورت ديوي، شراب جيڪو نارنگين جي عرق ۽ ليمي جو رس ملائي ٺاهيل هجي، الڪوحل، اڇو شراب.

white lead (وائيٽ ليڊ) **n.** basic lead carbonate used in paint and putty, بنيادي اڇو شيهو (جيڪو رنگ ٺاهڻ جي ڪم اچي)، سفيدو، سفيد شيهو، سفيد رنگ مادو.

white leather (وائيٽ ليدر) **n.** supple skins from deer, sheep and goats, tawed (ie soaked in alum, stretched and scraped) and kept in their natural colour, used for gloves, purses, هرڻ، رڍن ۽ ٻڪرين جي نرم رنگيل کل، پنهنجي قدرتي رنگ واري کل.

white lie (وائيٽ لاءِ) **n.** a forgivable lie, esp one told out of tactfulness, معاف ڪرڻ جهڙو ڪوڙ، سفيد ڪوڙ، ظاهر ظهور ڪوڙو، لسورو ڪوڙ، ڏلو وائڙو ڪوڙ.

white light (وائيٽ لائيٽ) **n.** light containing all wavelengths in the visible range at the same intensity, روشني، سفيد روشني، هر طرف هڪ جيتري روشني ڏيندڙ بتي يا بلب.

white lime (وائيٽ لائيم) **n.** white wash, چَن جي پوچي.

white line (وائيٽ لائين) **n.** a longitudinal continuous or broken line painted on a highway as a line demarcation for traffic, رستي جي وچ تي لڳاتار يا ڪٽي لڪل ليڪ جيڪا گاڏين کي پنهنجي طرف يا حصي ۾ هلڻ ۾ مدد ڏئي.

white matter (وائيٽ مئٽر) **n.** pale-coloured fibrous nerve tissue in the brain and spinal cord, تاندورن جهڙن رڳن جون تنتون، اڇي مغزي ڏوري، ڪنڌيءَ وارو ڏورو، اڇو

مادو، سفيد مادو، قلو، مغزي مادو.

white meat (وائيٽ ميٽ) **n.** food made of milk, butter eggs, the flesh of poultry, rabbits, calves; the lighter parts of the cooked flesh of poultry, as opposed to the darker meat of the leg, ڪُڪڙن، چوزن، سيهڙن جو گوشت، ڪڪڙن، چوزن جو رڌل گوشت، ٻنا سٽپ وارو گوشت، هلڪو ۽ اڇو گوشت.

white metal (وهائيٽ ميٽل) **n.** a tin-base alloy with over 50 percent of tin; also an alloy in which lead is the principal metal, اڇو ڌاتو، شيهي مليل ڌاتو، ٽين مليل ڌاتو، سفيد ڌاتو، مصنوعي چاندي.

white meter (وائيٽ ميٽر) **n.** a meter that records off-peak consumption of electricity, بجليءَ جي کپت ماپڻ جو اوزار، تمام هلڪي کپت درج ڪندڙ پيمانو.

whiten (وائيٽن) **vt, vi.** to make white; to bleach; to free from guilt, or to make to appear guiltless; to become or turn white, سفيد، اڇو، ٻگو، ٻگاڻ، اڇو ڪرڻ، اجارڻ، ڪنيڻ، ڌورائڻ، اجاڻڻ، ڏوهه کان آجو ڪرڻ، بي ڏوهو نظر اچڻ، اڇو ٿيڻ، صاف ٿيڻ، بدلجي پوڻ، اڇا پوڻ، پريا پوڻ.

whitener (وائيٽنر) **n.** someone or something that whitens; artificial milk for coffee or tea, اڇو ڪندڙ، ڦٽرادو لاهيل کير، اڇو مادو، اجاڻ مادو، سفيد ڪندڙ، قلعي مادو.

white night (وائيٽ نائيٽ) **n.** a sleepless night; in northern latitudes, a summer night that never becomes completely dark, بي آراميءَ واري رات، اترين علائقن ۾ اونهاري جي هڪ رات جنهن ۾ مڪمل اونداهي ڪونه ٿئي، روشن رات.

whitening (وائيٽننگ) **n.** the act or process of making or becoming white; a substance used to make white, whiting, اڇو ڪرڻ يا اڇو ٿيڻ، اڇو ڪرڻ لاءِ ڪم ايندڙ مادو، اڇو ڪرڻ، اڇو ٿيڻ، اڇو ڪندڙ مادو، سفيدي ڪرڻ، قلعي، ڪاري نائي کي اڇو ڪرڻ.

white noise (وهائيٽ نوائز) **n.** a noise in which there are a large number of frequencies of roughly equal intensity, آواز جنهن ۾ وري وري ايندڙ پڙاڏا ٿين، مختلف آوازن جو ملي اچڻ.

white-out (وائيٽ آئوٽ) **n.** a phenomenon in snow-covered regions in fog or overcast conditions in which earth and sky merge in a single whiteness; a dense blizzard, برف سان ڍڪيل علائقن ۾ ڪوهيڙي يا ڪڪرن سان ڇانيل حالتن ۾ هڪ اهڙو نظارو جنهن ۾ زمين ۽ آسمان لسي سفيديءَ ۾ سمائجي وڃن، گهرو ڌنڌ پيدا ڪندڙ برف جو طوفان، برفاني هوائون، برفاني طوفان، پارو، برف باري.

white paper (وائيٽ پيپر) **n.** a statement, printed on white paper, issued by government for the information of parliament, سرڪار طرفان ڇاپيل بيان جيڪو حڪومت پارليامينٽ جي اطلاع واسطي شايع ڪري، اڇو چٺو.

white pepper (وائيٽ پيپر) **n.** light-coloured pepper; made from peppercorns from which the dark outer husk has been removed, ميرانجهڙي رنگ وارا مرچ، اڇا مرچ، کل لٿل ڪارا مرچ.

white pot (وائيٽ پاٽ) **n.** a Devonshire dish of sliced rolls, milk, eggs, sugar baked, ڪاڌو جيڪو کير، بيضن ۽ کنڊ ۾ پچايل هجي، اڇو ڪاڌو، اڇي پاچي، اڇي اوتي يا لائي.

white precipitate (وائيٽ پر سپيٽيٽ) **n.** a white mercurial substance used in ointments for treating worm infestations, پارو مليل سٿيو مادو جيڪو ملم طور زخم تي لڳايو وڃي، اڇو ملم، اڇو سٿيو مادو.

white race (وائيٽ ريس) **n.** one of the main divisions of mankind, distinguished generally by light complexion and certain types of hair and skull, also known as Caucasian, گوري قوم، اڇي چمڙيءَ واري قوم، يورپي ماڻهو، پورا ماڻهو، گورا ماڻهو، اڇا ماڻهو.

white rat (وائيٽ ريٽ) **n.** an albino strain of the brown rat, much used in laboratory experiments, اڇي ڪوئي جي جنس، هلڪي يا پوري ناسي رنگ وارو ڪوئو، سورج مکي ڪئو، فارمي ڪئو.

white rhinoceros (وائيٽ رينوسيروس) **n.** a large African two-horned grazing rhinoceros, ٻن سنگن وارو آفريڪي گينڊو، ويڪرن چپن وارو گينڊو جنهن جو رنگ ڪارو ٿيندو آهي.

white sale (وائيٽ سيل) **n.** a sale of linen goods at reduced prices, بسترن جي چادرن ۽ صفائيءَ جي ڪپڙن جو گهٽ قيمت تي وڪرو.

white sauce (وائيٽ ساس) **n.** a sauce made with roux, thinned with milk or stock eg from chicken or veal, and flavoured as desired, مکڻ ۽ اٽي مان ناهيل چٽڻي، کير ۽ ڪڪڙ جي عرق مان ناهيل اڇي چٽڻي.

white seam (وائيٽ سيم) **n.** plain needlework, سٽيءَ جو پرت، سيبي جو ڪم، ڏاڳي جو ڪم.

white settler (وائيٽ سيٽلر) **n.** wealthy outsider who moves into a district and makes use of its amenities without blending sympathetically into the local community, ڌاريو شاهوڪار جيڪو عام آباديءَ ۾ اچي لٽ سان رهي، ڌيکاءَ وارو رهائشي امير.

white slave (وائيٽ سليو) **n.** a girl procured for prostitution purposes (esp when exported), عزت جي غلام، ٻاهران گهرايل رنڊي، ڇوڪري يا عورت جنهن کي زنا خاطر پيش ڪيو وڃي، پوري فا حش عورت، جسم فروش ڌاري عورت، ڪنجري، ڇڪلاڻ.

white smith (وائيٽ سمٿ) **n.** a worker in tinned or

white iron; a tinsmith; a polisher or finisher of metals, ٹين يا لوهہ جو ڪاريگر، ٹين جو سامان ٺاهڻ وارو، ڌاتن کي پالش ڪرڻ وارو ڪاريگر، ٺاٺارو، قلعي گر.

white spirit (وائيٽ اسپرٽ) **n.** a petroleum distillate used as a substitute for turpentine in mixing paints, and in paint and varnish manufacture, تيل جنهن کي تاربين جي بجاءِ رنگن کي ملائڻ ۽ وارنشن ٺاهڻ ۾ ڪم آڻجي، اڇو اسپرٽ.

white squall (وائيٽ اسڪوال) **n.** a sudden tropical whirlwind or windstorm heralded by little more than a choppiness of the sea or the appearance of a small white cloud, اوچتو ايندڙ واچوڙو، ننڍو اڇو ڪڪر، اڇو وسڪارو، سفيد طوفان.

white squire (وائيٽ اسڪوائر) **n.** a friendly party to whom a company chooses to transfer the bulk of its shares as a defence against a takeover move, اعتباري دوستن جي ٽولي جن کي خاص ضرورت وقت ڪنهن اداري جا حصا وڪڻي ڏجن تہ جيئن ہين کان بچائي سگهجن.

white stick (وائيٽ اسٽڪ) **n.** a walking-stick used by a blind person to feel his or her way, painted white as an indication of the user's blindness, انڌي ماڻهوءَ جي استعمال جي لٺ يا لڪڻ، اڇو لڪڻ، انڌاپ جو نشان.

white supremacy (وائيٽ سُپريميسي) **n.** the philosophy or policy of giving dominance to white people on the grounds of their alleged superiority, فلسفو يا نيتي تہ اڇي رنگ وارن ماڻهن کي ٻين ماڻهن کان مٿانهون درجو ڏنو وڃي، اڇن يا گورن ماڻهن جي قابليت جو فلسفو.

white throat (وائيٽ ٿروٽ) **n.** either of two warblers of the same genus as the blackcap, having white throat feathers; a species of American sparrow; any of several species of humming-bird, چيهي جي جنس جا پکي (جيئن هڊيلا، چٽ چو، پاڻ لڪنڪي، وڏو چيهو، ٻور)، ننڍو ڦوسڙي پکي، چٽ چر، سار چيهو.

white tie (وائيٽ ٽاءِ) **n.** a white bow tie, part of formal evening dress; hence formal evening dress, اڇي ٽاءِ، اڇو ٻو (ننڍي ٽاءِ)پاتل، باقاعدي پوشاڪ پهريل.

white vitriol (وائيٽ وٽريول) **n.** zinc sulphate, جست ۽ گندرف مليل پائوڊر، جست مادو يا ڌاتو.

white voice (وائيٽ وائس) **n.** a singing voice of pure, neutral tone, expressing no emotion, پاڪ صاف آواز، آواز جنهن مان جذبن جي خبر نہ پوي، غير جذباتي انداز ۾ ڳائڻ.

white wall (وائيٽ وال) **adj, n.** (of pneumatic tyres) having a broad white band around the side walls, هوا ڀريل ربڙ جا ٽائر جن جي چوڌاري اڇي پٽي ٺهيل هوندي آهي، اڇي پٽيءَ وارو موٽر جو ڦيٿو.

white ware (وائيٽ ويئر) **n.** articles made of white porcelain pottery or other ceramic material, چيني شيون يا ٿالهَ، مٽي جا ٿانو، ڪاشي ٿيل شيون، چينيءَ جا اڇا ٿالهَ.

whitewash (وائيٽ واش) **n, vt.** a mixture of lime and water, or whitling, size and water, used for coating walls; a wash for the skin; false colouring; statements made or measures taken to rehabilitate a reputation, cover up official misdemeanours; a glass of sherry after other wines; an act of whitewashing; to give a fair appearance to, ڪل واسطي ڏوپ، ملمعي وارو پائيٽ، اڇو رنگ ڪرڻ، پوچي ڏيڻ، (ناموس نيڪ ڪرڻ لاءِ) بچڙا ڪم ڍڪڻ، حڪومت طرفان (بدناميءَ جو سبب ٿيل ڪمن بابت) وضاحتون ڏيڻ، صفائي پيش ڪرڻ، شيري شراب جو گلاس، اڇي پوچي لڳائڻ، سهڻي صورت ڏيڻ، چونو، سيڙهي، سفيدي، چوچي، قلعي، چونو لڳائڻ، سيڙهي هڻڻ، اڇو رنگ ڪرڻ.

white water (وائيٽ واٽر) **n.** shoal water near the shore, breakers; the foaming water in rapids, سمنڊ جي ڪناري وٽ ٺانگهو پاڻي، جهڳ وارو پاڻي، تيز وهڪري وارو صاف شفاف پاڻي.

white wax (وائيٽ ويڪس) **n.** bleached beeswax; Chinese wax, ماکي جي صاف ٿيل ميڻ، ميڻ، چيني اڇي ميڻ.

white wood (وائيٽ ووڊ) **n.** a name applied to a large number of trees or their light-coloured timber eg the American tulip tree, whitewood cedar; unstained wood or wood prepared for staining, اڇي يا هلڪي رنگ وارو ڪاٺ، لال گلن جو وڻ، صنوبر جو اڇو ڪاٺ، رنگ ڪرڻ لاءِ تيار ڪيل صاف ڪاٺ، جنديءَ جي ڪم وارو ڪاٺ، ٻاهڻ، لٺو.

white out (وائيٽ آئوٽ) **vi.** to delete (written or typed material) with (white) correcting fluid, over which a corrected version may be written; to omit or cover up; to subject (an audience) to a blinding glare or flash, لکيل يا ٽائيپ ٿيل مادي کي اڇي مادي سان ڍاهي مٽائڻ، روشني وجهي انڌو ڪرڻ، تيز چمڪاٽ، اڇو شعلو، تيز اڇي روشني.

Whitehall (وائيٽ هال) **n.** a street with government offices in London, the British government or its policy, لندن جي گهٽي جنهن تي سرڪاري دفتر آهن، برطانيہ سرڪار ۽ سندس نيتي.

whither (ودر) **adj.** to what place?; in which direction; towards what state? to which place; (used relatively) to which; to what; wither-soever, ڪهڙي جڳهہ ڏانهن؟، ڪهڙي رخ يا طرف؟، ڪهڙي حالت يا ملڪ ڏانهن؟، ڪهڙي جاءِ ڏانهن؟، ڪنهن ڏي؟، ڪيڏانهن؟، ڪهڙي پاسي؟، ڪيڏي؟، جاڻي؟، جيڏي؟، ماڳ مڪان پيچ.

whiting[1] (وائيٽنگ) **n.** ground chalk free from stony

matter and other impurities, extensively used as a size, colour, اڇو چاڪ مـــادو، اڇو رنگ، اڇو ڪلف، چوني ڪاري، چونو، سفيدي.

whiting2 (وائيٽنگ) n. a small edible white-fleshed sea fish related to the cod, ڪڙو مڇي، ڪاڊ جي قسم جي ننڍي اڇي مڇي، اڇي ماس واري مڇي.

whitish (وائيٽش) adj. somewhat white; giving white appearance, اڇيرڙو، اڇيرو، سفيدڙو، سفيدي مائل، اڇڙو، پورڙو.

whitleather (وائيٽ ليدر) n. leather dressed with alum, white leather; the paxwax of the ox, صاف ڪيل چمڙو، ڦٽڪيءَ سان صاف ڪيل چمڙو، سفيد چمڙو، ڍڳي جي چربي، ڳائي چربي.

whitling (وٽلنگ) n. a kind of trout, probably a young bull trout, دريائي مڇي، ٽرائوٽ مڇي.

whitlow (وٽلو) n. a painful inflammation of a finger or toe, esp near the nail, paronychia, آڱر يا پير جي ڳوڙهي يا سوڄ، آڱر ويڙهو، نهن اٽڻ، اگاري.

whitlow grass (وٽلو گراس) n. any of several plants alleged to cure whitlows, eg a small British saxifrage or a small crucifer; whitlow-wort, آڱر ويڙهي بيماري کي ڇٽائڻ واري بوٽي، جڙي بوٽي.

whitlow wort (وٽلو ورٽ) n. any of a number of plants of the genus Paronychia, بوٽين جي جنس، جڙي بوٽي.

whitster (وسٽر) n. a bleacher of clothes or cloth, ڪپڙن کي صاف ڪرڻ وارو، رنگ ڪرڻ وارو، ڌوبي، کتي، رنگريز.

whittawer (وٽاور) n. a saddler or harness-maker; a maker of white leather, a tawer, سنج ٺاهڻ وارو، چمڙي ٺاهڻ وارو، چمڙي کي صاف ڪرڻ وارو، موچي، سوچي.

whittie-whattie (وٽي ويٽي) vt, n. to mutter, whisper; to shillyshally; vague language intended to deceive; a frivolous excuse, چپن ۾ ڳالهائڻ، پڻ پڻ ڪرڻ، هٻڪڻ، دل هڻڻ، ٻڌتر ۾ ٻوڙ، اڻ چٽو (لڪل نموني) ڳالهائڻ، بيهودو بهانو ڪرڻ، ٽڳڻ، بهانا ڪرڻ، ٽارڻ.

whittle1 (وٽل) vt, vi & n. to pare or cut with a knife; to shape with a knife; to diminish gradually; to lessen the force or scope of; to cut wood aimlessly; to peach, or to confess at the gallows; to fret; a clasp knife, sheath knife or other large knife, چاقوءَ سان ڇلڻ يا وڍڻ، ڇيتون ڇيتون ڪرڻ، ڇلڻ، ڪپڻ، ڪاٽڻ، ڪپ سان ڪورڻ، آهستي آهستي گهٽائڻ، طاقت يا گنجائش گهٽائڻ، ڪاٺ کي وڍڻ، ڦاسي تي پهچي اتي ڏوهه باسڻ، تپسو ڪرڻ، مياڻ ۾ وجهي رکڻ وارو چاقو يا خنجر، ڇرو، خنجر، ڪاتي، ڇري، پالو.

whittle2 (وٽل) n. a woollen shawl; a blanket, اوني شال، ڪنبل، بلانڪيٽ.

whittret, whittret or whitterick (وٽريٽ يا وٽيرڪ) n. a weasel, نورُ جانور، ڪٽوري نور، برفاني نور.

whity (وائٽي) n. a white person; white people as a race, سفيد ماڻهو، يورو ماڻهو، يورپون قومون، گورو.

whizz or whiz (وز) vt, vi & n. to fly through the air with or as if with a whistling noise; to move rapidly; to make a hissing, rustling or sizzling noise; to cause to whizz; a person remarkably talented or skilful at something; a hissing sound; a bargain, agreement, سوسٽ ڪرڻ، سرڙاٽ، شرراٽ، سوساٽ، هوا جو سيٽيءَ جهڙي آواز سان لنگهڻ، تکڙو هلڻ، ڦوڪڻ، سُون سُون يا سوساٽن وارو آواز ڪرڻ؛ لائق ۽ ڪاريگر، سودو، اقرار نامو، ٻول، ناهه، زبان، قول، انجام.

whizzer (وزر) n. something that whizzes, a pickpocket, سرڙاٽ، سوساٽ يا ٻُون ٻُون ڪندڙ شيءِ، کيسا ڪترڻ وارو چور، جيب ڪترو، ٻشني.

whizz-bang or whiz-bang (وز بئنگ) n. a light shell of high velocity which is heard arriving before the sound of a gun's report; a firework reminiscent of this, بم گولو، آتش بازيءَ وارو گولو، تيز رفتار گولو.

whizz kid, whiz kid (وز ڪڊ) n. someone who achieves success rapidly and early, through ability, inventiveness dynamism and ambition, تيزي سان ۽ سنت ڪاميابي ماڻيندڙ ٻار، لياقت جي آڌار تي يا ڪاميابي ماڻيندڙ چوڪرو، تيز ۽ هوشيار ٻار.

who (هُو) pron. what person or people?; which person or people?; used after a comma to add a clause commenting on a person or people; he or she or they, that; the person or people that, anyone that; whoever; of what name, standing; whom, whose, ڪهڙو؟ ڪهڙا؟ ڪهڙو شخص يا ڪهڙا ماڻهو؟ هو يا هوءَ، اهو شخص يا ماڻهو، ڪهڙي نالي يا حيثيت وارو، ڪنهن کي، ڪنهن جو، جيڪو، ڄڻو، ڪير.

whoa (وو) interj. stop; used to hail a person from a distance, بيهي رهه، بس ڪر،(پري بيٺل ماڻهوءَ کي) حڪم ڪرڻ، روڪڻ، جهلڻ.

who-dun-it or whodunnit (هو ڊن اٽ) n. a story or play concerned with the elucidation of a crime mystery, راز ڀريل آکاڻي، ناٽڪ، پراسرار ڪهاڻي، پراسرار يا راز ڀري ڪهاڻيءَ تي ٻڌل ڊرامو.

whodunitry or whodunnitry (هوڊنٽري) n. writing about crime and mystery; over-zealous culprit-seeking, راز ڀريل ڪهاڻيءَ وارو ناول يا ڊرامو، ڏوهارين کي ڳولڻ جي شوقين جي ڪهاڻي، جاسوسي ناول يا ڪهاڻي.

whole (هول) adj, n, adv. not broken; undamaged; not

broken up or ground or deprived of any part; containing the total amount, number; complete; (of a brother or sister) full-blooded, related through both parents; as yet unworked (mining); uninjured; restored to health; healed; in one unbroken piece, ڪل، سڄو، سَمورو، پورو، اڻ ٽٽل، نقصان نہ ٿيل، پڳل ۽ لڪي ڪنهن پاڱي يا بنياد کان بي دخل ٿيل، مڪمل موڙي ۽ سوڌو، مڪمل تعداد، سلامت ۽ پورو پنو، حقيقي پاءُ يا ڀيڻ، خوني رشتي وارا، کاڻ جنهن تي ڪوتائي نہ ٿيل هجي، اڻ زخميل، چاڪ چڱو ڀلو، لوڻو، اڻ پڳل لڪر ۾ (صحيح سلامت)، سالم، مڪمل، سربستو، سارو، سيوئي، سلامت، ثابت، جملي صحيح.

whole blood (هول بلڊ) **n.** donor blood for use in transfusions, from which no constituents have been extracted, (هڪ ماڻهو جو ٻئي ماڻهوءَ ۾ وجهڻ لاءِ حاصل ڪيل) ڀرپور رت، مڪمل رت.

whole food (هول فوڊ) **n.** food, unprocessed or processed as little as possible, produced without any artificial fertilizers or pesticides, مڪمل طاقت وارو تيار ٿيل کاڌو، قدرتي طور حاصل ڪيل کاڌو، بنا هٽرايو ڀاڻ ۽ دوائن جي اپايل اَنُ.

whole grain (هول گرين) **adj.** (of bread, flour) made from the complete grain, with no parts discarded during manufacture, سالم اناج، سالم اناج مان تيار ڪيل اٽو (ڇاڻ سميت).

whole-hearted (هول هارٽيڊ) **adj.** hearty, generous, zealous and sincere دل وڻان، دل وارو، سخي، چاهہ يا اتساهہ وارو، وفادار، همدرد، دل گهريو.

whole-length (هول لينٿ) **adj, n.** giving the whole figure; full-length; a portrait or statue showing the whole figure, پوري ڏيکهہ واري مورت، مڪمل تصوير، بوتو، مڪمل ڏيکهہ، پوري ڏيکهہ.

whole milk (هول ملڪ) **n.** milk from which nothing has been extracted, as distinct from skimmed or semi-skimmed milk, مڪمل ۽ قدرتي کير، مڪمل طاقت ور جزن وارو کير.

whole number (هول نمبر) **n.** a unit, or a number composed of units, an integral number, عدد جيڪو مختلف ايڪائين مان جڙيل هجي، سالم تعداد وارو انگ.

wholesale (هول سيل) **n, adj, adv.** sale of goods, usu by the whole piece or large quantity, to a retailer; buying and selling or concerned with buying and selling, thus; extensive and indiscriminate; by wholesale; extensively and indiscriminately, مال يا سامان جو ٻڌو وڪرو، ٻڌي خريداري يا وڪرو، ٻڌي حساب سان، وڏي يا گهڻي انداز ۾ وڪرو ڪرڻ، گهڻي تعداد ۾، گهڻي طور، اٿا ڏلا، ٿوڪ واپار، ٿوڪ فروش، ٿوڪ فروشي.

wholesome (هول سم) **adj.** healthy in body, taste, morals or condition; indicating health; conducive to bodily or spiritual health; remedial; propitious; reasonable, sensible, صحت بخش، چان، سواد، گڻ، اطوار، حالت ۾ نيڪ ناڪ، تندرست، چاڪ، جسماني ۽ روحاني طور تندرستي، علاج ڪندڙ، فائدي مند، نيڪ بخت، معقول، واجبي، مناسب، سمجهو، عقل مند، چڱي، نيڪ، مفيد (صلاح).

whole stitch (هول اسٽچ) **n.** a weaving stitch used to fill in a pattern, cloth stitch, اٽت جو ٽاڪو، ڪپڙي جو ٽاڪو.

wholly (هولي) **adv.** completely; altogether, سراسر، محض، بلڪل، سڄوئي، مڙيوئي، لپٽ، تمام، مور.

whom (هوم) **vi.** to someone; جنهنکي، جن کي، ڪنهن کي، ڪن کي.

whoop (ووپ) **n, vt, vi.** a loud eager cry; a N American Indian war cry; a form of hide-and-seek; the long noisy inspiration heard in whooping cough; to give a loud cry of triumph, eagerness, scorn; to hoot; to cheer or insult with shouts; to summon or to urge on, by whooping; a whooping swan or whooping crane, وڏي دانهن، نعرو، اک پوٽ راڙ، ڪنگهہ جي مريض جي ڪنگهڻ جو آواز، وڏي رڙ ڪرڻ، ٽٽڪار وجهڻ، بي عزتي ڪرڻ، دانهون ڪرڻ، پٽڻ، لعنتون وجهڻ، لوڪ بازي ڪرڻ، نعري بازي ڪرڻ، هنج يا ڪونج پکي.

whoopee (ووپي) **interj, n.** an exclamation of delight, خوشيءَ جو اظهار، خوشيءَ واري رڙ، خوشيءَ وارو گوڙ.

whoopee cushion (ووپي ڪشن) **n.** a rubber cushion that makes a noise like the breaking of wind when sat on, ربڙ جي گدي يا طوڙ جيڪو ويهڻ سان هوا ڇڏي، گدي جنهن تي ويهڻ ڪري واو جهڙو آواز نڪري.

whooping cough (ووپنگ ڪف) **n.** pertussis, an infectious and epidemic disease, mostly attacking children, characterized by catarrh of the respiratory tract with bouts of violent coughing that end in a long gasping inspiration, ٽٽ ڪنگهہ، وڏي ڪنگهہ، سيٽيءَ واري ڪنگهہ، ڪاري ڪنگهہ، ڪرڻو، ڪرڻي ڪنگهہ.

whooping crane (ووپنگ ڪرين) **n.** an American crane on the brink of extinction, ڪنگڻ آمريڪي ڪونج پکي، واري ڪونج يا هنج.

whooping swan (ووپنگ سوان) **n.** a whooper swan, جنگلي هنج (پکي)، جهنگلي هنس (پکي، آمريڪي اڇو هنج پکي.

whoops (ووپس) **interj.** an exclamation of surprise or concern made when one has a slight accident, makes an error, or sees someone else do so, ڏڪ کائي ڪرڻ کانپوءِ بچي وڃڻ تي شڪرالو ميڻ، شڪر ڪرڻ، بچڻ تي خوشي ڪرڻ.

whoopsie (ووپ سي) **n.** a mess, of the excretory kind,

made by a baby, animal etc, ٻار يا جانور جي غلاظت، نورو، لڏ، ڇيٿو، ڪرڦي، ڪاڪوس.

whoosh or **woosh** (ووش) **n, vt, vi, adv. & interj.** the sound of or like that of, something large passing rapidly through the air; to move or cause to move with, or as if with, such a sound, آواز ٻڌڻ، چرڻ ڦرڻ، چورڻ ڦيرڻ، هلائڻ، سوست جو آواز، سوست وانگر لنگهي وڃڻ، هوا مان تيز رفتار سان وڃڻ.

whop or **whap** (واپ) **vt, vi.** to whip, thrash; to defeat or surpass; to throw or pull suddenly or violently; to fall, thump or move suddenly; to flop down, ڪٽڻ، سٽڻ، چهبڪ هڻڻ، مار ڏيڻ، شڪست ڏيڻ، فتح يا سرسي ماڻڻ، اڇلڻ، اوچتو ڇڪڻ، ڪري پوڻ، ڍهي پوڻ، ڌڪ هڻڻ، اوچتو هلي پوڻ.

whopper (واپر) **n.** someone or something that whops; anything very large; a lie, تمام وڏي شيء، ڪوڙ ستيندڙ، ڪتيندڙ، افواهه.

whopping or **whapping** (واپنگ) **n.** a blow; a bump; the noise made by either of these; anything very large; a thrashing, ٺوڪڻ، وڄائڻ، ڳوڙهو، لڪڙ يا ڏڪ، وڏي مار، ڪنڪو، سنڪو، وڏي شيء، اجگر.

whore (هور، هار) **n, vi, vt.** a prostitute; any unchaste woman; an allegedly corrupt religious community or practice; to be, or associate with, a whore or whores; to make a whore of, debauch; to spend in whoring, ڪڃري، رنڊي، طوائف، پيشه ور، ڇڙواڳ، ڪاري، غير ستي عورت، بدنام ٽيل، بگڙيل مذهبي قوم، بد چال، بدچال عورت، عورتن سان سنگت رکڻ، رنڊي بازي ڪرڻ.

whoredom (هورڊم) **n.** whoring; any illicit sexual intercourse; idolatry, رنڊي بازي، جنسي همر بستري، بت پرستي، پوڄا.

whore house (هور هائوس) **n.** a brothel, چڪلو، رنڊي خانو.

whore master (هور ماسٽر) **n.** a whore monger رنڊي باز مرد.

whore mistress (هور مسٽريس) **n.** a woman who runs a brothel, ڀڙوي، ڀڙوت ڪندڙ، عورت جيڪا چڪلو هلائي، چڪلائڻ.

whore monger (هور مانگر) **n.** a lecher; a pander, شهوت پرست، ڏوٽي، ڀڙوي، ڀڙوو، ڪنو، چنور جهڙو، خون پيساڪ، چڪلائي، بي غيرت.

whore's bird (هورس برڊ) **n.** a whore's child; used as a vulgar term of abuse; son of a whore; a bastard; a term of coarse contempt or familiarity; mean, scurvy, بد چال عوت جو ٻار، گارگند وارو حرف، رنڊيء جو پٽ، حرامي ڦر، طوائف جو اولاد، ناجائز ٻار، ڪراهت يا گستاخيء جو لفظ، ڪمينو شخص، گهٽ ذات، بدچال، واهيات.

whore's egg (هورس ايگ) **n.** a sea-urchin, ساموڊي ڪناري وارا جيت ۽ گاهه ڪائيندڙ جانور، ڪندن وارو ساموڊي جاهو.

whorl (وارل) **n.** a group of similar members arising from the same level on a stem, and forming a circle around it (bot); a single turn in a spiral shell; a convolution, eg in the ear; a disc on the lower part of a spindle serving as a flywheel; in a fingerprint, a ridge forming a complete circle; a type of fingerprint having such ridges, هڪ ئي هنڌان لڪتل پن جو ڇڳو، پن جو گول چڪرو، گهيرو، مدار، چڪر، حلقو، چوڙو، پيچ جو ور، انڊ جو چرخ، ساڳئي درجي واري نسل ۽ بنياد مان اسريل، پيچ دار گولي جو هڪڙو ڦيرو، ڪن ۾ ويڙهو، ٿالهي، لڪي يا چڪرو، آڱرين جو نشان، (گول چڪرن وارو) آڱر جو نشان.

whorled (وارلڊ) **adj.** having whorls; arranged in the form of a whorl or whorls, گهيريدار، چڪردار، جهڳنيدار، ڇڳي دار، چوڻائون، حلقي دار، چرخي شڪل، چڪري صورت، سنڌن واري چڪري.

whortleberry (وورٽل بيري) **n.** a widely spread heath plant with a dark blue edible berry, the bilberry, blaeberry or whimberry, sometimes contracted to whort; extended to certain other plants of the same genus, ٻوٽي جو ٻوٽو يا ننڍو وڻ، ٻيرن وارو ٻوٽو، مختلف قسمن جي ڪاڇرو ٻيرن جا وڻ.

whose (هوز) **pron.** the possessive case of who and also which, ڪنهن جو، جنهن جو، ڪنهن جي ملڪيت، ڪهڙو معاملو.

whosoever (هو سو ايور) **pron.** every one who; whatever person, هرهڪ، اهو جيڪو، ڪوئي به شخص، جيڪو ڪو، هرڪو.

who's who (هُو از هُو) **n.** a directory listing names and biographical details of prominent people, معتبر يا مشهور ماڻهن جي فهرست، مشهور ماڻهن بابت تفصيل.

whow (هو) **interj** of deploration ,(حرف ندا), افسوس ڪرڻ اوهه، هاء،واء.

why (واء) **adv, conj. interj.** for what cause or reason?; wherefore; (used relatively) on account of which; expressing sudden realization or protest, or marking resumption after a question or a slight pause or used to call a person, ڇو، ڪهڙي سبب يا ڪارڻ، ڇاڄي ڪري، جنهن جي ڪري، احساس جو اظهار، ڪنهن کي ڪجهه چئي ڪري جواب جو انتظار ڪرڻ، سوچڻ، ڇالاء، ڪهڙي سبب، ڇاڪون، ڇاڄي ڪري، ڪوهه.

whydah, whidah or **whidah bird** or **whydah bird** (واڊاہ، هاڊا برڊ) **n.** any of a group of African birds or related to weaver finch family, with much black in

their plumage; any of various birds of a related family, ڪوري پکي جي قسم جو ڪو پکي، ہوڙي پکيءَ جي جنس جو پکي، هيٺين مٿي واري جهرڪي، سارچر، ڪارڳجي ہوڙي، آفريڪا جا ڏکهي ہچ وارا ہوڙي پکي (انهن کي پاليو به ويندو آهي).

whyever (واءِ ايور) **adv.** for whatever reason ڪنهن به سبب جي ڪري، ڇاجي ڪري.

why-not (واءِ نات) **n.** a challenge for reasons; a dilemma, ڪن سببن ڪري، ڪهڙن سبب ڪري، هڪ ڏکيو مسئلو يا مونجهارو جنهن لاءِ ڪجهہ نہ سمجهہ ۾ اچي، ڇو نہ؟

wicca (وڪا) **n.** witchcraft, esp as a revived practice; an organization or cult of people practising or involved in witchcraft, جادوگري جو ڪم، جادوگري ڪرڻ، جادو ڪرڻ، سڱو ڏاڱو ڪرڻ، سڱو ڏاڱو يا جادو ڪرڻ وارو، عامل، پوپو.

wiccan (وڪان) **n, adj.** a member of wicca cult, or a practiser of witchcraft, جادوگري ڪندڙ قوم جو فرد، جادو ڪرڻ وارو، جادوگر، پوپو، عامل.

wice (وائس) **adj.** wise, canny; sane, rational, سيائو، حرفتي، سالم دماغ، سمجهہ ڀريو، هوشيار، ماهر، عامل، پوپو.

wick[1] (وڪ) **n, vt.** the twisted threads of cotton or other substance in a candle, lamp or lighter, which draw up the inflammable liquid to the flame; any strip of material that draws up liquid by capillary action; to draw up (liquid) in this way, بتيءَ جي وَٽ، ڏئي جي وٽ، وٽ رستي تيل پهچائڻ، وٽ رستي ٻارڻ.

wick[2] (وڪ) **n.** a creek; a village or town; a farm; to strike (a stone) in an oblique direction; wicked, نار يا ڊوري، ڳوٺ، شهر، کيت، رکيل پٿر کي ڇَنڊڻ، بڇڙو، بدڪار.

wicked (وِڪيڊ) **adj, n.** evil in principle or practice; sinful; ungodly; (of an animal) vicious; cruel; mischievous, spiteful; very bad, harmful, or offensive; roguish; unlucky; a wicked person; wicked people, خبيث، بد دشت، خراب، ڀراڇتي، مندو پاپائتو، پاپي، بدڪار، بڇڙو، گنهگار، بي ڌرم، سرڪش، ظالم، گندو، تمام خراب، نقصان ڪار، زيان ڪار، بدمعاش، بي نصيب، شرير، زهري، حرڪتي، زيالخور، لچو، بدلچڻ، بدڪردار، ڪميڻو.

wicker (وِڪر) **n. adj.** a small pliant twig or osier; wickerwork; made of twigs or osiers; encased in wickerwork, تاريون، تيليون، بيدجي تيلي، ڇهو، تارين، تيلين يا ڇهن جي ٺهيل ٽوڪري، چلي يا پنڊي، دبڪي، ڪارو.

wickerwork (وڪر ورڪ) **n.** basketwork of any kind, ٽوڪريون ٺاهڻ، ڪارا ٺاهڻ، تيلين مان ٺاهيل چلي، پنڊي يا ٽوڪري.

wicket (وڪيٽ) **n.** a small gate; a small door in or near a larger one; a grill or loophole; an opening or a window with a grill; eg at a ticket office, bank; the upright arrangement of three stumps with two bails on top which the batsman defends against the bowling; a stump; the pitch; a batsman's stay at the wicket or his joint stay there with another; a batsman's innings, (ڪرڪيٽ راند ۾) ٽي ڪتل ڪاٺيون ۽ ان مٿان رکيل ٻہ ٽيون، بيٽل رانديگر جو بولرن جي اڇليل بالن کان وڪيٽ کي بچائڻ، راند کيڏندڙ رانديگر، ننڍو در، آگ، ڳڙکي، دري، وڏي در ۾ ٺهيل ننڍو در، جهروڪو.

wickiup (وکي اپ) **n.** a N American Indian hut constructed with an oval frame and covered with grass or mats, (آمريڪا جي پراڻن رهواسين جي) لانڍي، ڇَنّ، مَنهَن، ڇونرو، جهوپڙي، پونگي، گنبذ شڪل ڇونرو.

widdle (وڊل) **vt.** to urinate پيشاب ڪرڻ، مُتڻ.

wide[1] (وائيڊ) **adj, n.** extending far; having a considerable distance between the sides; broad; of a specified breadth; roomy; expanded or extended; opened as far as possible; far apart; far from the point aimed at; very lax in morals; broad, the reverse of narrow; wideness; a ball bowled out of reach of the batsman (cricket); a penalty run allowed for this; at a distance, وڌيل، ويڪرو، کليل، وڌايل، ڇڙڪ اخلاقي، پري پنڌ، پري نڪري ويل، ڪشادو، پري پري، وسيع، خلاصو، باخبر، بيدار، چوڙو، موڪرو، فراخ، روان، محيط، گهڻ علمن ۾ ماهر، وڌو (تفاوت)، بلڪل کليل، بلڪل هوشيار، ٻهري سجاڳ، حدف کان پرتي، نشان کان پري، چڱيءَ طرح، اورتي، جاءِ بجاءِ، ڦهليل، ال چلان.

-wide[2] (وائيڊ) **n. sfx.** extended throughout a specified area, as in nationwide, countrywide or worldwide, ڪشادو، سموري علائقي ۾ پکڙيل، ڦهليل، محيط، ويڪرو، ملڪ ۾ ڦهليل، دنيا ۾ ڦهليل.

wide-angle (وائيڊ اينگل) **adj.** having an angle of view of 60 degrees or more and a short focal length, سٺ درجن يا ان کان وڌي درجي جي ڪنڊ، گهٽ ڏيکاريندڙ حصو، ويڪري ڪنڊ، وسيع ڪنڊ.

wide-eyed (وائيڊ آئيڊ) **adj.** showing great surprise; naive, credulous, سادو سودو، عجب جو اظهار ڪندڙ، پرمتڙيو، سؤلائي سان اعتبار ڪرڻ وارو، عجب ۾ اکيون نڪري اچڻ، اکيون ڦاٽي پوڻ.

wide-gab (وائيڊ گئب) **n.** the angler, a wide-mouthed fish, ڪنڍي سان مڇي ڦاسائڻ وارو، وڏي وات واري مڇي.

widen (وائيڊن) **vt, vi.** to make or grow wide or wider; to throw open, کولي ڇڏڻ، وڌائي ڪشادو ڪرڻ، موڪرو ڪرڻ، ويڪرو ڪرڻ، وسيع، ويڪر ڪاري، ڪشاد اٿڻ، ڦهلائڻ.

widener (وائيڊنر) **n.** someone or something that widens; a kind of tool for widening something, ڪشادو ڪرڻ وارو، ڪشادو ڪندڙ، کوليندڙ، ڪشادو ڪندڙ اوزار.

wide-ranging (وائيڊ رينجنگ) **adj.** covering a wide range of topics, interests, cases, etc, گهڻن مسئلن معاملن متعلق، گهڻن معاملن کي چاڻندڙ، گهڻن مسئلن متعلق، وسيع، ڪشادو.

wide screen (وائيڊ اسڪرين) **n.** a wide curved cinema screen designed to give the viewer a great sense of actuality in the picture, سينيما جو ڪشادو پردو (جنهن تي هر شيء قدرتي يا اصليء وانگر نظر اچي).

wide-spectrum (وائيڊ اسپيڪٽرم) **adj.** (of antibiotic) effective against a wide range of micro-organisms, انٽي بايوٽڪ دوا، بيماريء خلاف قوت مدافعت-پيدا ڪندڙ طبي مادو، بيماريء جي علاج واري دوا.

widget (وجٽ) **n.** a gadget; any small manufactured items or component, ڪَلَ، اوزار (جهڙوڪ پکو، فريج، ايئر ڪنڊيشنر)، ننڍا ننڍا گهريلو استعمال وارا بجليء جا اوزار.

widgie (وجي) **n.** an Australian Teddy girl of the 1950s, the female counterpart of a bodgie, آسٽريليائي ٽيڊي عورت، تنگ ۽ ٽورا ڪپڙا پائيندڙ ڇوڪري.

widow (ودو) **n, vt.** a woman whose husband is dead and who has not remarried; a woman whose husband spends much time away from her on some pursuit; an extra hand in some card games, رن زال، رولاڪ مڙس جي زال، بيوه، ودوا، ڏلي، ڏنل، رلڙ، پتن جي راند ۾ ضرورت کان وڌيڪ ڪٽيل هٿ.

widower (ودوئر) **n.** a man whose wife is dead, مڙس جنهن جي زال مري وئي هُجي، رلڙ (مرد)، ڦلانوتو.

widowhood (ودو هُڊ) **n.** the state of being a widow or a widower; a widow's right, رنڍاپو، ودواپڻ، رنڍاپڻ، بيوهه پڻ، ڏهاڳ، ڏنڍ.

widow's curse (ودوز ڪرس) **n.** a source of supply that never fails, رسد جو ذريعو جيڪو ڪڏهن به ختم نه ٿئي، اڻ کٽندڙ ذريعو.

widow wail (ودو ويل) **n.** a dwarf shrub with pink scented flowers, native to Spain and south France; daphne or mezeron, ننڍي قد جو خوشبودار گلابي گلن وارو بوٽو.

width (وِڊٿ) **n.** extent from side to side, breadth; wideness; the distance from side to side across a swimming-pool, ويڪر، پيٽو، موڪر، ويڪرائي، وسعت، موڪرائي، پيٽ، چوڙائي، ڪشادگي، کليل جاء يا علائقو، پاڻيء جي تلاء جي موڪر.

width ways or width wise (وڊٿ ويز يا وڊٿ وائيز) **adv.** in the direction of the width, across the width, ويڪر ۾، ويڪر ۾ هڪ پاسي کان ٻئي پاسي تائين، ويڪر وارو پاسو، ويڪرائيء ۾، موڪراڻ ۾.

wield (ويلڊ) **vt.** to use, or lift ready to use (a tool, weapon); to have or exert (power, authority, influence) to use (eg one's pen, wit) in the manner of a tool or weapon; to rule; to possess, enjoy, gain; to control, manage (eg lands), هلائڻ، ڦيرائڻ، استعمال ڪرڻ، اثر رسوخ رکڻ، لکڻ، ڳالهائڻ، عقلمنديء ذريعي اثر رکڻ، انتظام ڪرڻ، ڳڻ ڏيڻ، ڪم ۾ آڻڻ، (ترار) ڦيرائڻ، حڪمراني ڪرڻ، زمين سنڀالڻ، زمينداري ڪرڻ.

wieldy (ويلڊي) **adj.** easy to wield; manageable; dexterous, active, هٿ ڪم سولائيء سان انتظام يا حڪم ميجنا وارو، اچڻ وارو، تابعدار، ڦڙت، ڪم ۾ آڻڻ لائق، قبضي ڪرڻ جهڙو، سنڀال لائق.

Wiener, wienie or weeny (وينر يا ويني) **n.** (short for wienerwurst) a small smoked beef, pork or veal sausage, (Ger), سيڪيل سوئر يا ڳائي جو گوشت، بيضن ۾ رڌل قيمون.

Wiener schnitzel (وينر شنٽسل) **n.** a veal cutlet dressed with breadcrumbs and eggs, (Ger), ڳائي جي گوشت جون چڱيء طرح تيار ڪيل چاپون يا ڪباب.

Wiener Werkstatte (وينر ورڪ شٽيٽ) **n.** an association of craftspeople and designers founded in Vienna in 1903 whose main influences were the English Arts and Crafts movement and Art Nouveau (Ger), ويانا (آسٽريا) جي ڪاريگرن جي جماعت وائينا، هنرن ۽ دستڪارين، نون هنرن جا ماهر ۽ انهن جي هڪ تنظيم.

wife (وائف) **n.** the woman to whom one is married; a married woman; a woman; the mistress of a house, a hostess; a woman engaged in some particular work or purveyance, as in housewife, midwife, fishwife, alewife; the passive or subservient partner in a homosexual relationship, زال، جوء، پرڻيل عورت، گهر ڌيائي، گهر مالڪياڻي، شادي شده زائفان، استري، اَهليہ، ولي، پتني، ساليائي، ساقي، ڪلال، موکي، مُهائي، لونڊو.

wifehood (وائف هڊ) **n.** the state of being a wife, زال پرڻيل عورت، جوء، نڪاح ۾ آيل، نڪاح واري، نڪاح ٻڌي.

wife-swapping (وائف سَوپنگ) **n.** a form of sexual activity in which married couples exchange partners temporarily, پرڻيل زالن ۽ مڙسن جو هڪ ٻئي جي مڙسن ۽ زالن سان متا ستا ڪرڻ، فحاشي، جنسي عياشي، عياشيء خاطر زالون متائڻ.

wig [1] (وگ) **n.** an artificial covering of hair for the head worn to conceal baldness, to disguise the appearance or as a part of stage costume, cosmetically, or for fashion's sake, هٿرادو جوڙيل وارن جي چڳ جيڪا ٽوڙهه لڪائڻ لاء استعمال ٿئي، فيشن خاطر مٿي تي ڌاريان وار

پائڻ.

wig 2 (وگ) **vt.** to scold, چينب ڏيڻ، ڏمڪائڻ، چنبو ڪڍڻ.

wigan (وگن) **n.** a stiff canvas-like fabric for stiffening garments; a plain grey cloth for boot-linings, تات. بڪرم جو ڪپڙو، استر جو ڪپڙو. بوٽ جي استر لاءِ ڪورو ڪپڙو.

wig block (وگ بلاڪ) **n.** a block or shaped piece of wood for fitting a wig on, ٽوپي ٺاهڻ لاءِ قالب. ٽوپين جو قالب.

wigeon or widgeon (وِجن) **n.** any of various ducks of the genus Anas, with a bill shorter than the head, short legs, rather small feet, long pointed wings and a wedgeshaped tail; a fool, قارائو بدڪ (جيڪا سياري ۾ ايندي آهي)، ننڍي چنهنب واري بدڪن جي جنس. بيوقوف. بي عقل شخص.

wiggle (وگل) **vt, vi & n.** to waggle, wriggle; a wiggling motion, لوڏڻ، لڏڻ، جهولڻ. گوتناٽ ڪرڻ. ڦيراٽيون پائڻ. چڪرڪائڻ.

wight (وائٽ) **n.** a creature or a person; a supernatural being; swift, nimble; courageous, strong, نظر نہ ايندڙ مخلوق، جٽو. شخص، پهر. آهر. انسان. هڪ آفاقي شي (جن، ملائڪ)، تکو، ڦڙت، چالاڪ. همٿ ڀريو. مضبوط. طاقت وارو.

wigwag (وگ وگ) **vi, adj, n & adv.** to twist about; to signal by means of flags; the act of wigwagging; a level-crossing signal which gives its indication, with or without a red light, by swinging about a fixed axis; twisting; to and fro, هيڏي هوڏي وراڻڻ. ولڻ ۽ موڙڻ. جهنڊين رستي خبردار ڪرڻ يا خبر ڏيڻ. هيڏي هوڏي مڙڻ. رستي لنگهڻ جو سگنل. هيڏانهن ۽ هوڏانهن ٿيڻ. هڪ محور تي ڦرڻ. سنگل يا اشارو.

wigwam (وگ وام) **n.** a domed tent-like N American Indian dwelling made of arched poles covered with skins, bark or mats; often applied to the coneshaped dwelling more correctly known as a tepee, هڪ گنبذ شڪل تنبو. مخروطي شڪل واري جاءِ. آمريڪين جي جونٽري شڪل جاءِ. تنبوءَ شڪل ڇن. جُونڙو. لانڍي.

wilco (ولڪو) **interj.** (in signalling, telecommunications) an abbreviation of 'I will comply' (with instructions); used generally to signify compliance, (ٽيليفون وغيره جي پيغامن ۾) "آءٌ هدايتن تي عمل ڪندس" واري جملي جو مخفف. جنهن جو مطلب آهي تہ تعميل ٿي ويئي.

wild (وائيلڊ) **adj, adv & n.** being in a state of nature, not tamed or cultivated; of an undomesticated or uncultivated kind; uncivilized, savage; desolate, rugged, inhospitable, uninhabitable or uninhabited; tempestuous; violent; fierce; passionate; frantically excited; unrestrained, uncontrolled, out of control; licentious; agitated; shy; distracted, distraught; furious; intensely enthusiastic; eager, keen, strong and irrational; fantastic; crazy, impracticable; enjoyable, terrific; disordered, dishevelled; unconsidered, rough, random, approximate; wide of the mark; fresh and natural; (of playing card) having any value desired; an uncultivated region; a wilderness or desert, جهنگ جو. جهنگلي. خودرو. خونخوار. وحشي. قدرتي طور ڄمندڙ. بي ڍنگو. ناشناس. ٿهڙ. ناهڙ. شُتربي مهار. بي قاعدي. بي ترتيب. اڏنگو. اڻ پاليل. غير پالتو. خودرو. قدرتي حالت ۾. غير آباد. اڻ کيڙيل. اڻ سڌريل. ويران. اڻ گهڙيو. بي مروت. رهائش جي لائق نہ. طوفاني. تيز. خوفناڪ. جوشيلو. جوش ۾ ڀريل. اڻ روڪيل. بي لغام. اختيار کان ٻاهر. عيش پرست. تڪرار ڪندڙ. لچارو. بيزار.متوالو. ڪاوڙ ۾ ڀريل. تمام گهڻو سرگرم. منتظر. خواهش رکندڙ. عجيب. چريت. ناقابل عمل. مزيدار. خطرناڪ. وکوڙيل. گدلو. توجهہ نہ ڏيندڙ. کهرو. اوچتو. الڪل روھ. نشان کان پري. تازو ۽ قدرتي. تاس جي پتي کي مرضيءَ موجب بها ڏيڻ. غير آباد علائقو. رَڃ يا بيابان.

wildebeest (وائيلڊي بيسٽ) **n.** a gnu, a wild ox, جهنگلي هرڻ. جهنگلي ڍڳو. روجهہ جانور. آفريڪي جهنگلي ڳئون يا ڍڳي.

wilder (ولڊر) **vt, vi.** to cause to stray; to bewilder; to wander wildly or widely, ڇڙوڇڙ ڪرڻ. واٽڙو ڪري ڇڏڻ. ڀٽڪندو وتڻ. مٿيون منجهائڻ. گهبرائڻ. هيڏي هوڏي ٿيڻ. اجايو رلڻ. ڌڪا کائڻ.

wilderness (ولڊرنيس) **n.** a region uncultivated and uninhabited; a pathless, unfrequented or unexplored region; such a region deliberately preserved from the inroads of tourism; a desolate waste of any kind; a part of a garden or estate allowed to run wild, or cultivated in imitation of natural woodlands, a place in which the spirit feels desolate; the present world; a wild confused or confusing assemblage; wildness. برپٽ. بيابان. سَڃ. جهنگ. آرڻ. ويرانو. رڻ. آوار. بيابان. ويراني. قدرتي طور پيدا ٿيل ٻوٽن واري زمين. هيءَ دنيا. سيمو علائقو. ڪن ڪهجر وارو هنڌ. ٻاڻ مرادو غير آباد ڇڏيل زمين. منجهائيندڙ گوڙ شور. غوغا. جڳهہ جتي روح کي سڪون ملي.

wild fire (وائيلڊ فاير) **n.** a sweeping, destructive fire; a need-fire; any of various inflammable materials used in warfare; such as Greek fire; lightning without thunder; a disease of sheep, ماچيڪار باهہ. خطرناڪ باهہ. گاٺ جي ڪري لڳندڙ جهنگلي باهہ. باهہ لڳائيندڙ شيون. جنگي ساز و سامان. بنا گوڙ واري وڄ. رڍن جي هڪ بيماري.

wilding (ولڊنگ) **n.** plants grown wild; a wild crab apple a young tree that grows wildly; wild fruits, جهنگ ميوو، جهنگلي ڦل، جهنگلي ٻوٽا ۽ وڻ، جهنگلي صوف، خودرو ٻوٽا.

wildgrave (وائيلڊ گريو) **n.** a waldgrave, جرمنيءَ ۾ رينجر، لواب، سردار، چڱو مڙس، وڏيرو، معتبر، رئيس.

wildlife (وائيلڊ لائيف) **n.** wild animals, birds, collectively (سمورا) جهنگلي جانور ۽ پکي، جهنگلي جيوت، درندا، مرون، وحشي جانور، اڻ پالتو جانور ۽ پکي، ڪرڙيون، نانگ، بلائون، مڇيون ۽ ٻي ساهه کڻندڙ يا چرندڙ جيوت.

wild mare (وائيلڊ ميئر) **n.** a seesaw; an instrument of punishment, the horse, پينگهه يا جهوڪن، جهولو، چوڏيل، سزا ڏيڻ جو اوزار، جهنگلي ۽ اڻ ڪيڙيل گهوڙو.

wild oat (وائيلڊ اوٽ) **n.** any of several tall perennial weeds related to the cultivated oat, جَوَن جي ٻوڪ، ڊپ، گاهه، جهنگلي گاهه ٻوٽو، جَوَن جهڙو جهنگلي ٻوٽو، جهنگلي جَوَ.

wild track (وائيلڊ ٽريڪ) **n.** a sound track recorded independently of a photographic track, but used in editing, (فلم ۾) قدرتي آواز ڀرڻ، ٻاهريان آواز ڀرڻ، جهنگ ۾ ٿيندڙ آوازن کي فلمن ۾ استعمال ڪرڻ.

wild type (وائيلڊ ٽائيپ) **n.** (biol) the form of a species typically occurring under natural breeding conditions, as distinct from mutant types, جيوت جيڪا قدرتي طرح جمي يا پيدا ٿئي، قدرتي پيداوار، جهنگلي قسم، پاڻ مرادو جمندڙ گل ٻوٽا، غير پوکيل ٻوٽا، (جهنگلي جانورن جي) قدرتي واڌ، اڻ پالتو نمونو، خود رو قسم.

wild water (وائيلڊ واٽر) **n.** the foaming water in rapids, تکڙي ۽ تيز وهڪري وارو پاڻي، ڇولين تان تيزيءَ سان ايندڙ پاڻي.

wile (وائيل) **n, vt.** a pleasing artifice; a trick; deceit; cajolery; to beguile, inveigle; to coax; cajole; to make to pass easily or pleasantly, ڦند، فريب، ٺڳي، مَڪَرَ، ڇَلَ وَلَ، فلنگ، چندُ، ٺوهه، ٺڳڻ، ٺوهڻ، ڦرڻ، آسانيءَ سان حاصل ڪري وٺڻ.

wilful or **willful** (ول فل) **adj, adv.** self-willed, obstinate, headstrong; deliberate, intentional; willing; wilfully, هوڏي، ضدي، ٺـر، سرڪش، پنهنجي مرضيءَ تي هلڻ وارو، ديدو دانستو، با ارادي، مقصد هيٺ، تياريءَ سان، ڄاڻي واڻي.

wilfully (ول فلي) **adv.** deliberately; intentionally; in a wilful manner; obstinately; with set purpose, ڄاڻي ٻجهي، ارادتاً، قصداً، ديده دانسته، هوڏ سان، ڏسي وائسي، سوچي سمجهي، ڄاڻي واڻي.

wilga (ولگا) **n.** a small white-flowered tree of the genus *Geijera* able to withstand drought (Aboriginal), ننڍو اڇن گلن وارو وڻ جيڪو بنا پاڻيءَ جي وڌي، سوڪهڙو برداشت ڪري.

will[1] (ول) **n, vt, vi.** used with an infinitive or absolutely; esp in 2nd and 3rd person to form a future tense; in 1st person to express intention or determination; to make requests, issue commands, or invite; to indicate capacity; to suggest willingness or readiness on the part of someone or something; to express assumptions; to wish, desire or want; to express resignation or frustration at events, زمان مستقبل جي نشاني جيڪا ضمير حاضر ۽ غائب سان ڪتب اچي (جيڪا ضمير متڪلم ۾ ارادو يا پڪي دلي خواهش جو اظهار ڏيکاري ٿي)، عرض يا گذارشون ڪرڻ، حڪم ڏيڻ، دعوت ڏيڻ، جڳهه يا گنجائش ڏيکارڻ، راضي يا تيار هجڻ، ڏس ڏيڻ، خيالي ڳالهه جو اظهار ڪرڻ، خواهش، سڌَ يا گهرج ڏيکارڻ، حالتن کي ڏسي ڇڏي ڏيڻ، بيزاري ڏيکارڻ.

will[2] (ول) **n, vt.** the power or faculty of choosing or determining; the act of using this power; volition; choice or determination; pleasure, wish or desire; inclination, preference; lust; command; arbitrary disposal; feeling towards others as in goodwill or ill-will; the disposition, of one's effects at death; the written document containing this; to decree; to seek to force, influence by silent exertion of the will; to dispose of by will, to bequeath; to wish desire or want, مرضي، وسُ، وصيت نامو، حڪم، خواهش، مرضي، اِڇا، آرزو، ارادو، خواهش، رضا، دل، خوشي، اختيار، ارشاد، اَمر، فرمان، آگيا، اڇاشڪتي، قابو، قبضو، مالڪ جي مرضي، رضا رباني، خواهش ڪرڻ، ارادو ڏيکارڻ.

will [3] or **wull** (ول آر وُل) **adj, adv.** at a loss; astray; bewildered, نقصان هيٺ، ڇڙواڳ، گهبرايل، مٿيون منجهيل، رليل، پريشان، بي سمجهائي.

willed (ولڊ) **adj.** having a will; voluntary; given or disposed of by will; brought under another's will, as in hypnotism, خواهش هجڻ، رضا خوشيءَ سان ڏنل يا ليکال ڪيل، ٻئي ڪنهن جي مرضي سان آندل، بيوس ڪرڻ، خواهش مطابق، ٻئي جي خواهش مطابق عمل ڪرڻ، ٻئي جي هٿ وس هئڻ، پروس هئڻ.

willemite (ولامائيٽ) **n.** orthosilicate of zinc, Zn_2SiO_4, white when pure but commonly red, brown, or green through the presence of manganese or iron, noteworthy as exhibiting an intense bright yellow fluorescence in ultra-violet light, جست جا ٽڪرا جيڪي لوهه ۽ مئنگنيز جي ملاوت ذريعي سندس اصلي اڇي رنگ مان ڳاڙها، ڀُورا يا ساوا ٿين، الهن منجهان تيز پيلي روشني نڪري ٿي.

willesden paper (ولزڊن پيپر) **n.** a specially treated pa-

per which keeps out wet and acts as a sound and heat insulator, placed under slates in roofing, خاص مصالحو لڳل ڪاغذ (جيڪو ڇتين ۾ لڳايو ويندو آهي ته پاڻي روڪي ۽ آواز ٻاهر نه وڃي سگهي).

willet (ولٽ) **n.** a large N American wading bird of the sandpiper family, grey with black and white wings, اتر آمريڪا جو ڳرو ليتو يا ڪاڇو اسنف. هڪ وڏو پاڻيءَ جو پکي. آمريڪي ساريڙي.

williewaught (ولي واٽ) **n.** a deep-draught, گهڻي وقت واري پيئي پاڻيءَ جي ڪوٽ يا تنگي. سوڪ. سوڪهڙو. ڏڪر.

willing (ولنگ) **adj.** ready, glad or not disinclined (to do something); eager, cooperative; ready and prompt to act; voluntary; chosen; intentional; of or relating to the will, راضي. خوش. خواهشمند. منتظر. سهڪار ڪندڙ. تيار. خواهان. رضامند. ترت عمل ڪندڙ. خود بخود يا پنهنجي مرضي سان ڪرڻ وارو. چونڊيل. ڄاڻي ٻجهي يا خود ارادي سان. خوشيءَ يا مرضيءَ سان واڳيل. خوشيءَ سان ڪم ڪرڻ وارو. انشاءالله تعاليٰ چوڻ. قوت اراديءَ بابت.

willing-hearted (ولنگ هارٽيڊ) **adj.** heartily consenting, دلي طرح مڃڻ وارو. متفق ٿيندڙ. راضي. مطمئن.

willing-horse (ولنگ هارس) **n.** a person or animal always prepared to work hard at any task, شخص يا جانور جيڪو هر دم محنت ڪرڻ لاءِ تيار هجي. محنتي شخص يا جانور. اورچ. اٽڪ.

willingly (ولنگ لي) **adv.** in a willing manner; cheerfully; readily; gladly, مرضيءَ سان. رضامنديءَ سان. خوشيءَ سان. چشمن سان. رضا رغبت سان. قصداً. دليون جاليون. باخوشيءَ. راضپو.

williwaw (ولي واو) **n.** a gust of cold wind blowing seawards from a mountainous coast, eg in the Straits of Magellan; a sudden squall; a tumult or disturbance, ٿڌي هوا جو جهونڪو. اوچتو مينهن يا طوفان جو جهونڪو. هوا جو اوچتو لهڻ. زمين کان سمنڊ طرف ٿڌي هوا جو تيز رفتار سان لڳڻ. تيز هوا ڪري پاڻيءَ ۾ ڇوليون اچڻ.

will-o-the-wisp (ولا ڏ وسپ) **n.** the ignis fatus; any elusive and deceptive person or thing, a phosphorescent light seen on marshy ground; delusive hope or plan, بيوقوفيءَ واري ڳالهه. تنائڻ ۾ لڳي ڪرڻ وارو شخص. ڌٻڻ واري زمين تي نظر ايندڙ روشني. جلدي نظر کان غائب ٿيندڙ شخص. ڪسڪي ويندڙ. غير ممڪن اميد يا منصوبو.

willow (ولو) **n, vt.** any tree or shrub having slender pliant branches; any of several plants resembling it; the wood of the willow; a cricket bat, traditionally made of willow; a willowing-machine; to clean in a willowing machine, بيد جو وڻ. بيد مان ٺهيل. بيد مشڪ. بيد مجنون. لئي. سرلهه. لئو. ڪرڪيٽ راند جي بيٽ. ڪپهه تائڻ واري ڪل. ڪل ۾ تائڻ. ڪپهه تائڻ. ڪپهه پيڃڻ.

willow grouse (ولو گرائوز) **n.** a European species of grouse with brown plumage, يورپي پَٽ تتر. برفاني تتر.

willow warbler or wren (ولو واربلر آر رين) **n.** a small European sylviine bird, چيهو. هڊيلو. لمڪنڪي. ڊور پکي.

willow weed (ولو ويڊ) **n.** one of various species of Polygonum or knotweed; the purple loose-strife, بيد جو قسم. بيد جي جنس جا ٻوٽا.سرن جهڙا ٻوٽا. ڪالهن ٻوٽا. ڪسَر.

willowy (ولوي) **adj.** abounding with willows; slender and graceful, جتي بيد جا گهڻا وڻ يا ٻوٽا هجن. سرن ڀريل. ڪالهن ڀريل. سنهڙو. لچڪدار. مڙلو. ناهوڪو. ولندڙ بدن وارو. مناسب بيهڪ وارو.

will power (ول پاور) **n.** the ability to control one's actions, emotions, impulses, پنهنجن عملن تي وس هجڻ يا رکڻ جي لياقت. اڃاشڪتي. قوت ارادي. خود اعتمادي.

willy or willey (ولي) **n, vt.** a willow basket; a willowing machine; to clean in a willowing machine, (بيد جي سنهڙين شاخن مان ناهيل) لوڪري. ڇٻي. پنڊي. ڪپهه تائڻ جي مشين. مشين ۾ تائڻ.

willyard or wilyart (ول يارڊ يا ول يارٽ) **adj.** wilful; shy, لڄارو. شرميلو. مرضي هلائيندڙ. ضدي. ٺنر. هوڏي. سرڪش.

willy-nilly (ولي نلي) **adv, adj.** willing or unwilling, whether one wishes or not; compulsorily, inevitably; having no choice; being so, or occurring, vacillating, (ڪم ڪرڻ) راضي يا بي راضي. مرضي هجي يا نه. زبردستي. بي اختياري. بي وس. دليون هٿڻ. هرويرو. خواهه مخواهه. چاهي نه چاهي.

willy-willy (ولي ولي) **n.** a cyclone (Aboriginal), ساموڊي طوفان. ساموڊي واچوڙو. زبردست طوفان.

Wilms' tumour (ولمز ٽيومَر) **n.** a malignant kidney tumour usu occurring in early childhood, composed of embryonal structures, گردي جو ڪينسر وارو ڳوڙهو. (جيڪو ٻاراڻيءَ عمر کان وٺي لهڻ شروع ٿيندو آهي).

Wilson's disease (ولسن ڊزيز) **n.** a hereditary degenerative disease of the nervous system and liver, in which there is an accumulation of copper in the tissues, مؤروثي تنتي سرشتي ۽ جيري جي بيماري. جيري کي ڳارڻ واري موروثي بيماري.

wilt (ولٽ) **vt, vi & n.** (of flowers) to droop, become limp or wither, from heat or lack of water; to lose energy, to droop from fatigue or too much heat; to lose self-confidence or courage; to render limp, cause to droop or wither; to cause to lose spirit,

selfconfidence or courage; the process of wilting; any of various diseases that cause wilting of plants, ڪومائجڻ، ڪومائي چلڻ، سُڪائي چلڻ، سوڪهڙو، مرجهاءِ، مرجهائڻ، گلن جو ڳرڻ، لرم يا سنهو ٿيڻ، جُهري پوڻ، همٿ هارڻ، ٻوٽن جي هڪ بيماري سڪڙجڻ، ڍرڪڻ، ڍرڪي پوڻ.

wiltja (ولٽجا) **n.** an Aboriginal shelter or hut (Aboriginal), (آسٽريليا جي) قديمي رهاڪن جو اجهو، جهوپڙي، جھونپڙو، ڇن، منهن،لانڍي.

Wilton (carpet) (ولٽن ڪارپيٽ) **n.** a carpet with a velvety cut-loop pile and a woven pattern, typically of a simple three-colour kind, long made at Wilton, in Wilts, (ولٽن ۾ ٺهيل) غاليچو، ولٽن غاليچو، ٽه رنگو غاليچو.

wily (ولي) **adj.** full of wiles, crafty, cunning, astute, فريبن سان ڀريل، دغاباز،مڪريل، حرفتي، ٺڳ، ترڪيباز، مڪريلي، چندالتو، فندي، ڦندي.

wimble[1] (ومبل) **n, vt.** an instrument for boring holes, turned by a handle; a gimlet; an auger; a kind of brace; an instrument for boring in soft ground; to bore through with a wimble, برمو، سيراهي، گرمٽ، ڪشو، بند پٽو، سوراخ ڪرڻ، آرپار سوراخ، نرم زمين ۾ سوراخ ڪرڻ وارو اوزار.

wimble[2] (ومبل) **adj.** active, nimble, چست، ڦڙت، تيز فهم، چڙڪ، چوهو، چالاڪ، جل ڦٽاڪو.

wimp (ومپ) **n.** an ineffectual or pusillanimous person; a young woman, ديجو، بزدل شخص، لِڪمو، ڪنهن ڪم جو نه، جوان زال.

wimple or **whimple** (ومپل) **n, vt & vi.** a veil folded so as to cover the head and neck and closely frame the cheeks, a fashion of the middle ages that remained part of a nun's dress; a fold; wrinkle or ripple; a turn or bend; a crafty twist; to wrap in or hide with a wimple; to enwrap, enfold; to blindfold; to lay in fold; a light robe, پردو جيڪو منهن کي ڇڏي باقي مٿو ۽ پاسا ڍڪي، راهبائن جو لباس، اسڪارف، برقعو، نقاب، نقابو، تهه ٿيل هڪ پٽي مٿان ورايل، جهنڊو، هلڪو لباس، جبو، ويڙهي رکيل، تهه ڪيل، اکيون ٻڌڻ.

wimp out (ومپ آئوٽ) **vt.** to funk something, to chicken out, دٻ ڏيڻ، ڊيڄارڻ، پريشان ڪرڻ، تنگ ڪرڻ، هراسان ڪرڻ.

Wimpy ® (ومپي) **n.** a kind of hamburger served in a bread roll, ومپي برگر، قيمي جو ڪباب جيڪو ڊبل روٽيءَ ۾ پيل هجي.

win (ون) **vt, vi.** to get by labour; to gain in contest; to secure; to achieve, effect; to reach; to be victor in; to allure, persuade or prevail upon; to gain influence cover; to obtain the favour of; to mine (an ore); to open up (a new portion of a coal seam); to gain the victory; to make one's way, betake oneself; to get onself (into a desired place or state); to dry by exposure to the wind; a penny, حاصل ڪرڻ، همٿ ڪرڻ، ڪَٽڻ، جيتڻ، فتح ڪرڻ، سوڀ پائڻ، وٺڻ، پرائڻ، رسڻ، ميڙائڻ، دل وٺڻ، موهڻ، ڳڪائڻ، غالب پوڻ، (ڪي) ملڻ، پنهنجو ڪرڻ، اڳ ڏيڻ، جيت، ڪٽ، مات ڪرڻ، پنهنجي طرف ڪرڻ، ضرورت يا فائدي واري جڳهه تي پهچڻ، (پاڻ) اڳ وٺڻ، اڳتي نڪري وڃڻ، (ڪوئلي جي کان ۾) وڌيڪ حصي جي کو ٽائي ڪرڻ، ڪاڻ مان ڌاتو ڪوٽي ڪڍڻ.

wince (ونس)**vi, n.** to shrink or start back; to make an involuntary movement, as in sudden pain; to register sudden mental pain or acute embarrassment; to kick; to be restive, like a horse uneasy with its rider; an involuntary start back or shrinking; a kick, سُسڻ، پوئتي ورڻ، بي اختيار ڇَرڻ ڀَرڻ، لتون هڻڻ، سوار واري بيٺل گهوڙي وانگر بي آرام ٿيڻ، ڇرڪڻ، هڻڻ، ڇڙهيون هڻڻ، ڀَستيون هڻڻ، اٺون هڻڻ.

wincey or **winsey** (ونسي) **n.** a cloth, plain or twilled usu with a linen or cotton warp and woollen filling, سوٽي ڪپڙو، سٽ ۽ ان جو مليل ڪپڙو،سٽ جي تاڃي ۽ اُن جي پيٽي وارو ڪپڙو.

winceyette (ونسي ايٽ) **n.** a plain cotton cloth of light weight, raised slightly on both sides, هلڪو ۽ لسو سوٽي ڪپڙو، ٿلهيءَ ڪناريءَ وارو ڪپڙو.

winch or **wince** (ونچ يا ونس) **n, vt.** a reel or roller; the crank of a wheel or axle; a powerful type of hauling or hoisting machine; to haul, hoist using such a machine, مَنيو، هٿيو، بار ڇڪڻي، چرخي يا ڦرڻي، طاقتور ڪل جنهن سان گهڻو وزن لاهي چاڙهي سگهجي، رِيل، گول دٻو يا رود، ڦيٿو، ويلڻ، ليٽڻ، سانهر، ڇڪري، ڦيٿو، چرلي.

Winchester ® (ونچيسٽر) **n.** Winchester rifle, a tradename for a repeating rifle made by Oliver F Winchester, American manufacturer; now a trades name for firearms, produced by the makers of the rifle, ونچيسٽر رائيفل، هڪ خاص ڪاروباري اداري جي ٺاهيل رائيفل.

winch man (ونچ مئن) **n.** someone who operates a winch or takes part in winching operations, eg aboard a helicopter, هيليڪاپٽر يا سامان لاهڻ چاڙهڻ واري مشين هلائڻ وارو ماڻهو.

wind[1](ونڊ) **n, vt.** air in motion; a current of air usually horizontal, either natural or produced by artificial means; any of the directions from which the

wind may blow; breath; power of breathing; flatulence; conceit; empty, insignificant words; the wind instruments in an orchestra; their players; air impregnated with scent of game; a hint or suggestion, as of something secret; part of the body covering the stomach; a disease of sheep in which the inflamed intestines are distended by gases, هوا، واءُ، پَون، واهوند، بادي، وايو، ساهه، دم، مولر، آڦري، ڦوڪ، وائي بادي، باد، وائج، ريح ڇڏڻ، وائي بادي ڳالهيون، اجايون ڳالهيون، بڪواس، لباڙ، شڪار جي خوشبوءِ، لڪل يا مخفي ڳالهه بابت اهڃاڻ يا اشارو ملڻ، بدن جو پيٽ وارو حصو، ڪهوڙي جو هوا پيٽڻ، منگهه، بادگير، واهولدو، تيز هوا.

wind[2] (وائينڊ) **vt, vi.** to turn, to twist or coil; to (cause to) encircle or enfold; to coil the spring of (a watch) or draw up the weights of (a clock) by turning a screw, to start, or keep, it going; to make or direct (one's way) or to traverse, by turning and twisting; to insinuate; to change the course of, deflect, control; to turn (a horse) to the left; to swing (a ship) round so as to head in another direction; to bring in, involve, or to extricate; stealthily; to wind up or sum up; to weave; to wield; to haul or hoist, eg with a winch; to turn round something; to twist; to move or go by turns and twists, or deviously; to meander; to go to writhe, wriggle, چابي ڏيڻ، ويڙهڻ سيڙهڻ، ولڻ، ڦرڻ، مڙهڻ، لڙڻ، وڪڙ وجهڻ، ڦيرو ڏيڻ، ور ڪرڻ، ور وڪڙ کائڻ، لپيٽجڻ، ويڙهجڻ، وڪوڙڻ، (سٽ) ويڙهڻ، پورو ختم ٿيڻ، گهمري ڏيڻ، (گهڙيال کي) چابي ڏيڻ، وڪڙڻ، (ڪارخانو) سميٽڻ، ڪٽي ڇڏڻ، اڪلائڻ، ختم ڪرڻ، (سَرندي جون تندون) چاڙهڻ، ور ڏيڻ، سيٽڻ، وزن چاڙهڻ، جند ڇڏائڻ، لڪي پڇڻ، ڪر ٿيڻ.

windage (ونڊيج) **n.** the difference between the size of the bore of a gun and that of the ball or shell; the influence of the wind in deflecting a missile, the amount of deflection due to wind or the allowance made for it; air friction on a moving esp revolving part of a machine, بندوق جي ناليءَ ۽ گوليءَ جي وچ وارو فرق، اڇلايل ميزائيل کي نشان تي موڪلڻ لاءِ هوا جي رخ جو حساب ڪرڻ، هلندڙ مشين جي پرزن جو ڦير، چڪر، ڦيرو، گاٽ.

windas (ونڊس) **n.** a windlass; an instrument for bending a crossbow, چرخي يا ڦرڻي، بار ڇڪڻي، ڪمان کي موڙڻ وارو اوزار.

wind bag (ونڊ بئگ) **n.** a person of mere words, an excessively talkative person communicating little of interest or value; the bellows of a bagpipe or organ; the lungs or chest; an inflated bag as a charm to procure a favourable wind, بناڪ هڻندڙ، بناڪي، ڊاڙي، ڦوڪن سان وڄڻ وارا ساز، ڦوڪ وارن سازن جا آواز، ڇاتي، سينو، ڦڦڙ، ساهه کڻندڙ عضوا، هوا رخ ٿيڻ، هوا ٿيلهي، هوا جي رخ جو اندازو ڪرڻ وارو جهنڊو.

wind blown (ونڊ بلون) **adj.** blown along or blown about by the wind; windswept, هوا سان ڪجهي ايندڙ، هوا سان اڏاري آندل، هوا جو آندل، هوا سان آيل، هوا جو اڏايل.

wind break (ونڊ بريڪ) **n.** something serving as a protection against the force of the wind, such as a fence, هوا ٽوڙ، طوفان روڪ، هوا جو رخ لوڙ، هوا روڪ، بند يا لوڙهو جيڪو هوا جي زور کي پڃڻ لاءِ ڪڙو ڪيل هجي، بند ڏيڻ.

Windbreaker ® (ونڊ بريڪر) **n.** a type of wind-proof jacket with elasticated cuffs and waistband, هوا کي روڪڻ وارو واسڪوٽ، هوا روڪ جيڪيٽ جنهن کي چيلهه ۽ ڪراين وٽ ربڙ جا گيٽر لڳل هجن.

wind burn (ونڊ برن) **n.** inflammation of the skin due to over-exposure to the wind, تيز هوا سبب چمڙيءَ جي سوڄ، هوا جي اثر ڪري کل جو سڙڻ يا سوڄ، هوا ساڙو، لڪ ساڙو.

wind chest (ونڊ چيسٽ) **n.** the box or reservoir that supplies compressed air to the pipes or reeds of an organ, ساز کي هوا پهچائڻ واري پيٽي، هوا ڀرڻ واري مشين، نيوبن ۾ هوا ڀرڻ واري مشين.

wind chill (ونڊ چل) **n.** the cooling effect that wind has as it blows on a surface; the combined chilling effect esp on a human body of low temperature, wind speed and relative humidity, هوا سبب ٿڌڪار وارو اثر، انساني جسم ۾ گرميءَ جي درجي جو هوا جي زور ۽ ٿڌاڻ سبب گهٽ هئڻ، ماحول جي ٿڌ جو انساني جسم تي اثر.

wind chimes (ونڊ چائيمس) **n.** a hanging decoration composed of pieces of shell, that tinkle against one another as the breeze catches them, هوا جي لڪرائجڻ سبب ڇم ڇم جو آواز ڪندڙ سينگار واري شيءِ، وڄندڙ راڊيڪو.

wind cone (ونڊ ڪون) **n.** a sleeve floating from the top of a mast eg at an airport, its angle with the ground giving a rough conception of the velocity of the wind, and its angle in a horizontal plane to the wind direction, هوائي اڏي تي ڪپڙي جي نهيل (ٻالهن نما) گول جهنڊي (جنهن کي هوا جي رفتار ۽ رُخ معلوم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي).

wind down (وائينڊ ڊائون) **vi.** to relax or become quiet after a period of activity; to lose strength; to reduce the strength or scope of; to open (the window of a vehicle) by turning a handle, مشغوليءَ کانپوءِ واندو ٿيڻ، ماٺ ڪري ويهڻ، طاقت وڃائڻ، ٿڪجي پوڻ، ڪنهن گاڏيءَ جي

دري کولڻ. موٽر جي دريءَ جي شيشي کي هٿئي سان کولڻ.

winder (وائينڊر) **n.** someone who winds; an instrument for winding; a clock or watch key; an electrically driven winding-engine for hoisting a cage or cages up a vertical mineshaft; the person who operates such an engine; a twisting plant; a triangular step at the turn of a stair or in a spiral staircase, چرخ. چرخي. چابي ڏيڻ يا ڦيــرائڻ وارو. چابي ڏيندڙ يا ڦيـرائيندڙ اوزار. بجليءَ جي زور تي هلندڙ ۽ رسي ويڙهيندڙ مـشين. کـوهہ يا کـاڻ مـان مـٽي چڪـيندڙ ڪَل. ڪل هلائيندڙ ڏاڪڻ جو لڪندو يا پاسي وارو ڏاڪو.

windfall (ونڊ فال) **n.** a piece of fruit blown off a tree by the wind; a sum of money that comes to one unexpectedly or suddenly, or any other piece of good fortune, وڻ مان ڪريل ميوو. ليڪو ميوو. ليڪي جو ڦل. ياڳ. قـسمت جو کيل. ياڳين مليل (ملڪيت). وڻ پڪل. ڳڻو. هوا ذريعي ڪريل. الاهي ڪـڪر. ناڻو يا فائدو جيڪو اوچتو ۽ بنا اميد جي حاصل ٿئي.

wind farm (ونڊ فـارم) **n.** a concentration of wind-driven electricity-generating turbines, usu sited on agricultural land, (بـجـلـي پـيـدا ڪـنـدڙ) هـوا تي هلندڙ چرخين جو ميڙ. هوا تي هلندڙ چرخين وارو فارم.

wind furnace (ونڊ فرنيس) **n.** any form of furnace using the natural draught of a chimney without aid of a bellows, هوا جي زور تي هلندڙ هوائي بٺي. هوائي ڪورو يا بٺي.

wind gauge (ونڊ گيج) **n.** an instrument for measuring the velocity of wind; a gauge for measuring pressure of wind; a gauge for measuring pressure of wind in an organ; هوا جي رفتار ماپڻ جو اوزار يا پيمانو. هوا زور يا داب ماپڻ وارو اوزار. ساز ۾ هوا جو داب مـاپڻ وارو پيمـانو. هوا ماپ. باد پيما. باد نما.

winding-sheet (وائينڊنگ شيٽ) **n.** a sheet for wrapping a corpse in; a shroud; the dripping grease that clings to the side of a candle, چادر جنهن ۾ مـردي کي ويڙهيـو آهي. ڪفن. ڪفن ڏيڻ. ڪيـڙي ۾ ويڙهڻ. مـيڻ بتيءَ جي (ٻرڻ مهل) وهندڙ ميڻ.

winding-stair (وائينڊنگ اسٽيئر) **n.** a spiral stair constructed round a solid newel; a stair with an open well hole, constructed on a geometric plan, پيچدار ڏاڪڻ. ور وڪڙي سيڙهي. گول ڏاڪڻ. گول ڦيري واري ڏاڪڻ.

winding-strips (وائينڊنگ اسـٽـريس) **n.** two pieces of wood with parallel edges, used for testing the trueness of timber, ڪاٺ جا ٻہ لڪر جن سـان عمـارتي ڪاٺ جي سڌي يا خراب هجڻ کي چڪاسجي.

wind instrument (ونڊ انسٽرومينٽ) **n.** a musical instrument sounded by means of a current of air, esp a woodwind or brass instrument sounded by the breath, باجو. ڦوڪ. هوا يا وات مان هوا ڏئي هلائڻ وارو ساز. هوا جي زور تي وڄڻ وارو ساز. ڦوڪ سان وڄندڙ ساز. بوڙيندو. نڙ.

windlass [1] (ونڊ لاس) **n, vt, vi.** any of various modifications of the wheel and axle employing a revolving cylinder, used for hauling or hoisting; a windas for a crossbow; to use a windlass; to hoist by means of a windlass, بار چڪڻ. چرخي. ڦرڻي. ڪمـان کي چڪڻ واري ڪَل. ڪل استعمال ڪرڻ. ڪل رستي چڪي مٿي ڪڻ.

windlass [2] (ونڊ لاس) **n, vi.** a circuitous movement, esp to intercept game; an indirect, crafty action; to take a roundabout course, شـڪـار کي گـول ڦـري اچڻ. سامهون اچڻ. اٽڪل بازيءَ جو ڪم. ور وڪڙ وارو دڳ وٺڻ. وڪڙ ڪري اچڻ. ڦري اچڻ. اڳ وٺڻ.

windle (ونڊل) **n.** an appliance for winding yarn, سٽ ڪتڻ جو اَوبڻو. چرخو. ايٽ.

windlestraw (ونڊل اسٽرا) **n.** a thin dry stalk of grass; any of various long-stalked species of grass, eg rye grass; anything light or insubstantial; a lanky or feeble person, گـاهہ جو سـڪـل ڪانو. هلڪي يا بي وزن شيءِ. هلڪي چڙهي. شاخ. معمولي شيءِ. ڏٻرو شخص. ڪمزور عقل وارو. ڪم عقل. پرمتڙيو. سادڙو.

windmill (ونڊ مل) **n, vt & vi.** a mill, eg for grinding grain, in which the motive power is the wind acting on a set of vanes or sails; a wind-driven set of vanes used to pump water, generate electricity; any device which is caused to rotate by reason of its being carried through the air, and so develops power; a toy with a set of plastic or paper vanes mounted on a stick, that revolves in the wind; to move like the vanes of a windmill, هوائي چڪي. پَوَن چڪي. واءِ چڪي. هوا جي زور تي هلندڙ سـاز يا رانديڪـو. چرخي. ڦرڻي. چرخيءَ وانگر ڦرڻ.

windore (ونڊور) **n.** a form of window; a popular derivation of window, دري. ڳڙکي. جَهروڪ. دريءَ شڪل.

window (ونڊو) **n.** an opening in the wall of a building; to look out through, or to let in air and light; a wooden or metal frame fitted with panes of glass for placing in such an opening; the space immediately behind the opening; a windowpane; a glass-covered aperture eg at a theatre or railway station, at which one purchases one's ticket; any opening suggesting a window; the eyes or the eyelids, دري. ڳڙکي. جَهروڪ. دري لڳائڻ. دريءَ جي کليل حصي واري وٿي (جتان

روشني ۽ هوا اندر اچي). نڪيت ونڊ واري ڳڙڪي. دريءَ جي صورت وارو سوراخ. اک، اک جا ڇپر. دريءَ جو طاق وارو شيشو. شيشي واريءَ دريءَ جو طاق.

window box (ونڊو باڪس) **n.** a box for growing plants in on a windowsill, دريءَ تي رکيل پيٽي جنهن ۾ ننڍا ٻوٽا ٻوڪيل هجن. گلدان. ڪونڊي.

window dressing (ونڊو ڊريسنگ) **n.** the arranging of goods in a shop window; the art of doing so effectively; the art or practice of giving something superficial appeal by skilful presentation, دوڪان جي دريءَ ۾ ڏاهي رکيل سامان. نموني سان ڏاهي رکڻ جو هنر. سامان کي سينگاري رکڻ. ڏاهر نوهر ڪرڻ. وڪري واري سامان جي چڱيءَ ۾ واڪاڻ ڪرڻ.

window envelope (ونڊو اينويلپ) **n.** an envelope with a transparent panel through which the address of the recipient on the enclosed letter can be read, لفافو جنهن ۾ هڪ ظاهر نظر ايندڙ سنهو ڪاغذ چڙهيل هجي ۽ ان اندر سرنامو پيل هجي. ڳڙڪيءَ وارو لفافو. سوراخدار لفافو.

Windows ® (ونڊوز) **n.** a product of Microsoft Co. of USA; in its earlier phase this was an operating environment known as Windows 1.0 in 1985; presently an operating system to run application softwares on any computer, with present version as Windows 2000ME.مائڪروسافٽ ڪمپنيءَ جو تيار ڪيل ڪمپيوٽر هلائڻ وارو نظام جيڪو ترقي ڪري ڪمپيوٽر جي تقريبن هر سرشتي لاءِ موزونيت جو حامل ٿي ويو حامل ٿي ويو آهي. نئون نظام يا سرشتو جيڪو ڪهڻ مقصدي استعمال لاءِ تيار ڪيو ويو آهي تنهن کي ونڊوز ٢٠٠٠ ايم اي چيو يا سڏاتو وڃي ٿو.

window screen (ونڊو اسڪرين) **n.** an ornamental device for filling the opening of a window, دريءَ تي لڳل گلڪاري يا چٽسالي. دريءَ جو شيشي وارو طاق.

window seat (ونڊو سيٽ) **n.** a seat in the recess of window; a seat beside a window in a bus, aeroplane, دريءَ ۾ لڳل گدي. بس، لاريءَ يا هوائي جهاز جي دريءَ وٽ ويهڻ واري جڳهه. دريءَ جي پرسان جڳهه.

window shopping (ونڊو شاپنگ) **n.** the activity of eyeing goods in shop windows as the next-best thing to buying them, دوڪان جي درين ۾ رکيل ٿيڙن کي جاچي ڏسڻ. سينگاري رکيل سامان جو نظارو ڪرڻ.

windowsill (ونڊو سل) **n.** an interior or exterior ledge running along the bottom, دريءَ جي چانٺ تي لڳل جهالر.

windpipe (ونڊ پائيپ) **n.** the passage running from the back of the throat to the lungs, through which air is drawn into and expelled from the lungs, the trachea, ساهه جي نلي. هوا جي نلي. ڳچي. گلو. نڙي. نڙگهٽ.

wind power (ونڊ پاور) **n.** wind considered as an energy source, eg for the generation of electricity by means of windmills, هوائي چڪين ذريعي حاصل ڪيل بجلي. هوا جي زور سان ڏاهيل ڪيل بجلي

wind rose (ونڊ روز) **n.** a rosette-like diagram showing the relative frequency and strength of winds in a locality for given periods of the year, گل باد. گلاب جي گل جي شڪل جو نقشو جيڪو ڪنهن علائقي جي باري ۾ سڄو سال لڳندڙ هوائن جي باري ۾ معلومات مهيا ڪري.

wind row (ونڊ رو) **n, vt.** hay raked together into a line to be made into cocks; a row of peats set up for drying; to arrange in windrows, گاهه جون سٿيون ڏاهي رکڻ. ڪوتيل مٽيءَ کي واڪو ڪرڻ ته جيئن جلد سڪي. ڍڙيون يا ڍڳيون ڏاهي رکڻ. گاهه کي سٿن ۾ ڏاهي رکڻ.

wind sail (ونڊ سيل) **n.** a wide funnel of canvas used to convey a stream of air below deck; a vane of a windmill, (جهاز جو) سڙهه. هوائي چڪيءَ جو پر. بادگير. پر. ڪوهو.

windscreen (ونڊ اسڪرين) **n.** a shelter against wind; the sheet of glass constituting the window of a motor vehicle, esp the front window, هوا کي روڪڻ جو اجهو. موٽر گاڏيءَ جو اڳيون شيشو. هوا پردي. هوا روڪ دري. هوا روڪ شيشو.

wind shear (ونڊ شيئر) **n.** a sudden change in wind velocity at right angles (horizontally or vertically) to its direction; the rate of such change; conditions in which there are sudden changes of wind velocity and direction, constituting a danger to aircraft, هوا جي رفتار ۾ اوچتو ڦيرو. هوا جي مخالف رخ طرف ڦيرو. اهڙي ڦيري يا تبديليءَ جي رفتار ۽ داب (اهي حالتون جن جي ڪري هوائي جهاز کي خطرو ٿيندو آهي). هوا جو مڪمل طور رخ مٽائڻ.

windshield (ونڊ شيلڊ) **n.** a windscreen; a device to protect eg a microphone from the wind, هوا جو پردو. هوا روڪ پردي. موٽر جو سامهون وارو شيشو.

windsor chair (ونڊسر چيئر) **n.** a chair with a solid wooden seat that has sockets into which the legs and the uprights of the back are fitted, هڪ خاص قسم جي ڪرسي جنهن جي وهڻ واري تختي ۾ ٿي لنگون ۽ ٽيڪ بيهاريل هجن.

windsor knot (ونڊسر ناٽ) **n.** a type of wide triangular knot used in tying a tie, ٽاءِ ٻڌڻ واري ٽڪنڊي ڳنڍ.

windsurf (ونڊ سرف) **n.** to sail on a sailboard, هڪ سڙهه واري ننڍيءَ ٻيڙيءَ تي ترڻ.

windsurfing (ونڊ سرفنگ) **n.** the sport of riding the waves on a sailboat, هڪ سڙهه واري ٻيڙي تي سوار ٿي لهرن تي ترڻ واري راند.

wind synthesizer (ونڊ سنٿيسائزر) **n.** a synthesizer de-

signed with fingering like that of a wind instrument and played using the power of the player's breath, whose technique with the mouthpiece modulates the sound produced, سازن کي وات سان (هواجو زور گهٽ وڌ ڪري) وڄائڻ. وات سان وڄائڻ وارن سازن کي وڄائڻ يا سُر ڪڍڻ جو هُنر. ڦوڪ سان وڄڻ وارو ساز. بوڙيندو. لڙ.

wind tunnel (ونڊ ٽنيل) **n.** an experimental apparatus for producing a uniform steady air stream past a model for aerodynamic investigation work, سرنگهه باد. هوا ۾ هلڻ واري مشين تي هوا جو دٻاءُ وجهي تجربا ڪرڻ. هوائي جهازن جي اڏامڻ تي هوا جي داٻ جي زور کي چڪاسڻ لاءِ ناهيل نظام.

wind turbine (ونڊ ٽربائين) **n.** a wind-driven electricity generator, a tall slim structure with propeller like vanes, هوا رستي بجلي پيدا ڪرڻ جو اوزار. هوا جي زور تي هلندڙ مشين. هوا چرخ. پن چرخي.

wind up (وائينڊ اپ) **vt, vi.** to bring or come to a conclusion; to adjust for final settlement; to terminate the activities of, liquidate (a commercial firm); to excite or agitate; to coil completely; to wind the spring or the mechanism of tightly; to close (the window of a vehicle); to furl; to tighten; to hoist, ڳالهه کي ختم ڪرڻ. پڄائي ڪرڻ. فيصلي تي پهچڻ ڌنڌو يا ڪاروبار ويڙهڻ. مڪمل طور ويڙهڻ. دري بند ڪرڻ. اسپرنگ کي مڪمل ڪشڻ. ڪاروبار بند ڪرڻ.

windy (ونڊي) **adj.** stormy with wind; exposed to the wind; generating or suffering from flatulence; wordy, verbose, empty, nervous; frightened, هوادار. واڪو. طوفاني. هوائي. واچو. ڪرو. ريح جو. باديءَ وارو. وائي بادي. بيهودو. سکڻو. خالي. ڊڄڻو. ڏکڻو. واءُ جي بيماري. واچائون. بادي. هوا رخ.

wine (وائين) **n, adj, vt & vi.** an alcoholic drink made from the fermented juice of grapes or from other fruits or plants; a wine drinking or wine party; the rich dark red colour of red wine; to supply with wine; to treat or entertain with wine; to take wine, دارو. شراب. نشي وارو شربت. شراب پيئڻ. شراب پيارڻ. انگوري شراب. شراب پيئڻ واري دعوت ڪرڻ. شراب پهچائڻ يا وڪڻڻ.

wine berry (وائين بيري) **n.** a grape; a redcurrant, gooseberry or bilberry; a raspberry of China and Japan; the tutu, or another NZ tree, the makomako, انگور جهڙو ميوو. ڪاري ڊاک. انگوري ميوو. ٻير قسم جو ميوو. ٻير جيترو ميوو. چين. جپان ۽ نيوزيلنڊ جو هڪ ٻير ڏيندڙ وڻ.

wine biscuit (وائين بسڪوٽ) **n.** a biscuit orig intended to be served with wine, بسڪوٽ (جيڪو شراب سان گڏ کاڌو ويجي).

wine press (وائين پريس) **n.** a machine in which grapes are pressed in the manufacture of wine, انگورن مان رس ڪڍڻ جي ڪَل. (انگوري) رس ڪڍندڙ مشين.

wine stone (وائين اسٽون) **n.** crude argol, the crust that forms on the walls of wine casks, ڪچو پوٽاش. شراب ناهڻ وارن ڪاٺ جي پيپن تي جمندڙ اچو تهه.

wing (ونگ) **n, vt & vi.** one of the arm-like limbs of a bird or bat that are adapted for flying; an insect's similar flying-organ; animal organ resembling a wing; one of the structures projecting from either side of an aircraft body, the plane of an aeroplane; flight; means of flying a fan or vane; a sail; a part of a building projecting from the central or main section; the area at each side of a stage; a section of a political party or other body, with its own distinct views and character; a group of several squadrons in the Air Force; a qualified pilot's badge, پکين يا چمڙن جا ٻانهن جهڙا پَر. جيتن. جانورن ۽ هوائي جهازن جا پر. جاءِ جا پاسن وارا حصا. پر. کنڀ. کنيڙ. پنک. ٻانهه. ڪنيڙائي. اڏامڻ. کنڀ لڳائڻ. سياسي پارٽيءَ جو هڪ مخصوص ڌڙو. ناٽڪ جي ٿلهي جي پاسن واري جڳهه. هوائي فوج جو جٿو. هوائي جهاز هلائڻ واري پائلٽ کي لڳل کنڀن وارا نشان.

wingding (ونگ ڊنگ) **n.** a wild party; a lavish social function; a drug-addict's seizure; a pretended seizure, ڪتراڳ واري مجلس. مزيدار يا منديل واري سماجي گڏجاڻي. موالي جي نشي جي طلب واري حالت. نشي جي ٻاڙ.

winged (ونگڊ) **adj.** having wings; bearing the thin flattened bases of decurrent leaves, or (of a fruit or seed) having a flattened appendage; wounded in the wing, shoulder or arm; swift; lofty, sublime, پردار. کنيدار. بازودار. کنڀن وارو. پرن وارو يا وارا. ڪنهن ٻج جا پر شڪل حصا. ٻانهن يا ڪنيڙ جو زخمي هجڻ. تکڙو. تيز. کنڀن وارو. بلند بالا. اتاهو. اُچو. مٿاهون.

wing case (ونگ ڪيس) **n.** the horny case or cover over the wings of some insects, such as the beetles, ڌنڌڻ جهڙن جيتن جو کنڀن مٿان چڙهيل کوپو. سخت کوپو.

wing collar (ونگ ڪالر) **n.** a man's stiff collar, worn upright with the points turned down, سخت ڪالر. وريل ڪالر. عام قميص وارو ڪالر.

wing commander (ونگ ڪمانڊر) **n.** an Air Force officer of the rank below group captain, corresponding in rank to a naval commander or to a lieutenant colonel, هوائي فوج جو درمياني عملدار.

winged bean (ونگڊ بين) **n.** a legume orig from SE Asia, of special value for its high protein content, ڦرين وارو ٻوٽو (جنهن ۾ وڌي انداز ۾ سٽپ آهي) سٽي ڦري.

wing let (ونگ ليت) **n.** a small wing; a bastard wing; a wing-like appendage; a small vertical wing attached to the tip of an aeroplane wing to improve lift, ننڍو پَرُ يا ان جھڙو ڏڙ وارو حصو. کنپ وانگر وڌيل حصو. جھاز جي وڏي پر پٺيان لڳل ننڍو پر (جيڪو جھازن کي مٿي چڙھڻ ۾ مدد ڏئي ٿو).

wing loading (ونگ لوڊنگ) **n.** the maximum flying weight of an aeroplane divided by the total area of the main planes including the ailerons, (هوائي جھاز جي) مقرر ڪيل تور جيڪا ڪئي آھو بنا نقصان جي اڏامي سگھي. مقرر ڪيل وزن.

wing-shooting (ونگ شوٽنگ) **n.** the act or practice of shooting flying birds, اڏامندڙ پکين جو شڪار ڪرڻ. يا آن جي مشق ڪرڻ. گز ڪمان سان شڪار ڪرڻ.

wing span or wing spread (ونگ اسپين يا ونگ اسپريڊ) **n.** the distance from tip to tip of a bird's extended wings or of the wings of an aircraft, پکيءَ يا هوائي جھاز جي پکيڙيل پرن جي وچ وارو مفاصلو. پرن جي ويڪر.

wink[1] (ونڪ) **vi, vt & n.** to shut an eye briefly; to do this as a sign, hint or communication, eg to convey an amused understanding; to shut the eyes; to blink, to seem not to see; to connive; to flicker, twinkle; to close and open (an eye) quickly; to flicker; to express by flashlights; the act of winking; a hint conveyed, or as if conveyed, by winking; a blink; a closing of the eyes for sleep or a short spell of sleep, اک ڇنڀڻ. اک پٽڻ. سيچ ڏيڻ. اک جي اشاري سان ڪو پيغام يا حڪم ڏيڻ. اک پورڻ کولڻ. پرڙائڻ. اکيون پٽڻ پورڻ. جھمڪائڻ. چشم پوشي ڪرڻ. اک جو اشارو. ٿوري دير لاءِ اک لائڻ. سمھڻ. ٽارچ باري بند ڪري اشارو ڏيڻ.

wink[2] (ونڪ) **n.** one of the small coloured discs used in the game of tiddlywinks, راند لاءِ ننڍڙي رنگين چڪري.

winkle (ونڪل) **n, vt.** a small edible snail-shaped shellfish, the periwinkle; to extract or force out little by little and with difficulty, ننڍڙي چلرن واري مڇي. ڪوڏ واري مڇي. ٿورو ٿورو ڪري ڪڍڻ.

winner (ونر) **n.** someone who wins; something very good, impressive or successful, کٽندڙ. تمام سٺو اثر وجھندڙ. ڪامياب. سويارو. فتح مند. پرائيندڙ. حاصل ڪندڙ. کٽڻ وارو.

winning (وننگ) **n.** the achieving of victory; that which is won; a shaft or pit to open a bed of coal; that wins; of or relating to the achievement of victory; attractive, prepossessing; persuasive, فتح حاصل ڪرڻ. کٽيل. ڪوئلي جي کاڻ ۾ وڏيڪ حصي ۾ کوٽائي شروع ڪرڻ. کٽندڙ. فاتح. فتح جي باري ۾. فتح لاڳو. سھڻو. وڻندڙ. ڇاھوڪو. شوق ڏياريندڙ. موهيندڙ. منوھر. اثرائتو. پُرڪشش.

winnock or windock (وناڪ يا ونڊاوڪ) **n.** a window, جارو. دري. ڳڙکي. جھروڪ. هوادان. منگھہ.

winnow (ونو) **vt, vi & n.** to separate the chaff from (grain) by blowing a current of air through it; to fan; to sift; to separate; to blow on; to waft; to diffuse; to set in motion; to flap, flutter; to separate chaff from grain; to fly; to blow in gusts; a fan for winnowing, آن کي ٻُھہ کان ڌار ڪرڻ. واٽر ڪرڻ. واٽرڻ. اڏائڻ. اڏرڻ. رائڻ. صفا ڪاري. ڇاڻڻ. اُپڻ. اڇو ڪرڻ. ڇاڻ ڪرڻ. هوا ڏيڻ. پکي وسيلي اڏائڻ. پکو. ڇڄ. ڪاڳڙو.

winnower (ونوئر) **n.** a person, machine or implement which winnows, sifts, fans or shuffles, واٽريندڙ (ماڻھو، مشين يا اوزار) واٽر ڪندڙ. ڇاڻي. بار صفائي. واٽرڻ جو اوزار. ٿريشر مشين.

winnowing (ونوئنگ) **n.** the act of blowing; sifting; fanning; chaffing; the winnowing fan, واٽر. سَپ. ڇڄ. ڇنڊ. ڇنڊڪو. صفائي. واٽرڻ. هوا ڏيڻ. ڪاڳڙو. هوا ڏئي جُدا ڪرڻ. ڇنڊڻ. ڇاڻڻ.

wino (ونو) **n.** someone, esp a down-and-out, addicted to cheap wine, سستو شراب پيئڻ جو شوقين. شرابي. موالي.

winsome (ون سم) **adj.** charming, captivating, attractive; cheerful; pleasant, وڻندڙ. خوش خلق. مٺي طبيعت وارو. دل پذير. موهيندڙ. موھڻو.

winter (ونٽر) **n, adj.** the cold season of the year, in northern temperate regions from Nov or Dec to Jan or Feb; astronomically from the winter solstice to the vernal equinox; a year; any season of cheerlessness; wintry; suitable for wear or use in winter; sown in autumn; سيارو. سياري جي مند يا موسم. ٿڌڪار واري موسم. ٿڌ. بي مزي وقت. ٿڌو وقت. بي لطف. سياري ۾ پائڻ جھڙو (ڪوٽ، سوئيٽر). گرم پوشاڪ. سياري وارو فصل. سياري ۾ پوکيل. ڪتي.

winterbourne (ونٽر بورن) **n.** an intermittent spring of water; as found in the chalk districts, پاڻيءَ جو چشمو (جيڪو ڪڏھن وھي ۽ ڪڏھن بند ٿئي).

winter cress (ونٽر ڪريس) **n.** a cruciferous plant formerly cultivated for winter salad, چٺن پنکڙين وارو بوٽو. سلاد بوٽو.

winter garden (ونٽر گارڊن) **n.** an ornamental garden of evergreens; or a conservatory with flowers, for winter; used sometimes as the name of a theatre, concert-hall, هميشہ سائو رھڻ وارن وڻن وارو باغ. گلن واري زمين. سياري ۾ آباد جايون (سئنيما، ٿيٽر، ڊرامہ هال). بند جايون.

winterly (ونٽرلي) **adj.** cheerless سياري جي لائق. سياري جھڙو. بي لطف. بي مزي

winter quarters (ونٽر ڪوارٽرس) **n.** the quarters of an army during winter; a winter residence, فوج جا سياري جي موسم گذارڻ وارا هنڌ، سياري لاءِ مناسب رهائش.

winter's bark (ونٽرس بارڪ) **n.** a stimulant, aromatic and tonic bark, named after Captain Winter, who first brought it from the Strait of Magellan in 1579, (چست ڪندڙ ۽ خوشبوءِ دار) وڻ جو ڇوڏو.

winter solstice (ونٽر سولس ٽس) **n.** the time of year when, in the northern hemisphere, the sun reaches its southernmost point, or in the southern hemisphere, its northernmost, respectively 21 Dec and 21 June; the point on the celestial sphere at which, in the northern hemisphere, the ecliptic is furthest south of the celestial equator or in the southern hemisphere, furthest north, جاگرافيءَ جي حساب سان ڌرتيءَ جي گولي جي پوري وچ تان خط استوا جي ليڪ لنگهي ٿي جنهن جي مٿئين اڌ گولي ۾ سياري جي موسم ۾ سج جا ڪرڻا پاسيرا ڌرتي تي پون ٿا. (٢١ ڊسمبر واري تاريخ تي) ۽ ان وقت سج اتر اڌ گول جي ڏاکڻين حصي جي آخري جاءِ تي رسي ٿو ۽ ساڳي ريت هيٺين اڌ گول ۾ ان وقت (٢١ جون تي) اونهارو ٿئي ٿو ۽ سج ڏکڻ اڌ گول جي اترئين آخري چوٽيءَ تي پهچي ٿو، سياري جو ڏن، سياري واري ليڪ، سياري جي موسم.

wintle (ونٽل) **vi, n.** to stagger; a stagger, لڏڻ لڏڻ، سوچ ۾ پوڻ، ٿاٻا کائڻ، ويسورو ٿيڻ، ٿرڙائڻ، جهولڻ.

wintry (ونٽري) **adj.** characteristic of winter; (of a simle, greating) laking warmath, سياري جو، سياري لائق، سرد، ٿڌو، رُکو، بي لطف، طوفاني، بي مروت.

winze[1] (ونز) **n.** a curse, پاراتو، پٽ، بد دعا.

winze[2] (ونز) **n.** a small ventilating shaft between two levels (mining), کاڻين جي ٻن سطحن وچ ۾ ننڍو هوا ۽ روشني ڏيندڙ زير زمين ٽنگ يا منگهه، هواباد.

wipe (وائيپ) **vt, n.** to clean or dry by rubbing with a cloth on a mat; to remove by wiping; to pass (a cloth) across something to clean or dry it; to rub on to a surface; to strike; to clear (magnetic tape) of its content; to eradicate or eliminate; to cancel, forget, scrub; to reject, مَلي يا مهٽي صاف ڪرڻ يا سُڪائڻ، اگهڻ، ميٽڻ، ميسارڻ، اوگهه سوگهه، اگهي صاف ڪرڻ، ٽيپ تي چڙهيل (گيت وغيره)، ميسارڻ، ختم ڪرڻ، ضايع ڪرڻ، نامنظور ڪرڻ، وساري ڇڏڻ، ڦٽي ڪرڻ، صفا ڪاري.

wipeout (وائيپ آئوٽ) **n, vt. vi.** a fall from a surfboard, skateboard or skis, esp a spectacular one; a complete failure or disaster; to obliterate, annihilate or abolish; to fall from a surfboard, پوري ناڪامي يا تباهي، مليا ميٽ ٿيڻ، هيٺ ڪري پوڻ، ختم ڪري ڇڏڻ، نيست و نابود ڪرڻ، معدوم ڪرڻ، مڪمل طور هارائڻ، ڪرڻ، وري ڪڙو ٿي نه سگهڻ، ميساري ڇڏڻ، ڊاهي ڇڏڻ.

wippen (وپن) **n.** (music) a part of the hammer mechanism in a piano, raised as the note is played, پيانو جي ساز ۾ مترڪي جي شڪل جي ڪل (جيڪا آواز ڪڍي).

wiper (وائيپر) **n.** one who wipes, esp a cleaner in certain industrial jobs; something that wipes or is used for wiping; a mechanism attached to a rotating or oscillating part that causes forwards-and-backwards motion in another part; a moving arm or other conducting device for making a selected contact out of a number of possible connections; a mechanical arm that swings to and fro across a windscreen to clear it of rain, ڇاڻي، صافي، ميساريندڙ، اگهي مهٽي صاف ڪرڻ وارو، صفائيءَ وارو ملازم، صفائي ڪرڻ واري مشين، گاڏيءَ جو شيشو صاف ڪرڻ واري پٽي، مختلف شين کي بجليءَ جو ڪرنٽ پهچائڻ لاءِ گهمندڙ پٽي، صفائي ڪرڻ جو نظام، مختلف پرزن وچ ۾ ڳانڍاپي جو سرشتو.

wire (وائر) **n, adj, vt & vi.** a metal drawn out to a narrow flexible strand or thread; a length of this for any of various purposes; a length of this usu enclosed in insulating material, used for carrying an electric current; the cable connecting point with point in a telecommunications system; a telephone; a telegram or telegraph; a warning or tip off; a metal knitting-needle; a fence made of wire; relating to wire drawing; to bind, support, protect, snare or fit with wire; to send a telegram, (ڌاڳي جهڙي سنهي) تار تند، فون، بجليءَ واري تار، فون لاءِ تار، تار برقي، تار موڪلڻ، تار ڪرڻ، تار ڇڪڻ، تار ۾ پوڪڻ، تار رستي هلندڙ نظام، تارن وسيلي هلندڙ، اشارو ڪرڻ، ڪهنٽي وڄائڻ، تارن مان ٺاهيل چار، تارن رستي هلائڻ، روڪڻ، بندڻ، جهلڻ، سنڀالڻ، حفاظت ڪرڻ، ٻڌڻ، ڪنڊر تار، ڌاتوءَ جي تند.

wire bridge (وائر برج) **n.** a suspension bridge, تارن يا لوهي رسن واري لڙڪندڙ يا ٽنگيل پُل.

wire brush (وائر برش) **n.** a brush with wire bristles, for cleaning rust off metal, dirt of suede shoes, تارن جو برش، سخت تارن وارو برش (صفائيءَ لاءِ) لوهي تارن وارو برش.

wire draw (وائر ڊرا) **vt.** to draw into wire by pulling through successively smaller holes in a hard steel dieblock; to throttle a fluid by passing it through a small orifice, thus reducing the pressure; to draw or spin out to a great length; to strain the meaning of, لوهه جي ڪالب کي ننڍن سوراخن مان تار وجهي جڪڙي تيار ڪرڻ (ته جيئن ان جي زور سهڻ جي قوت وڌائي سگهجي)، معنيٰ ڳولهي لهڻ، گهڻو اڳتي ڪٽي وڃڻ، تار ڇڪڻ.

wire gauge (وائر گيج) **n.** a disc or plate with graded

indents representing standard sizes, in which to measure the diameter of wire; any system for designating the diameter of wires by means of a set of numbers; the diameter of a particular piece of wire, هڪ لوهي چڪري جنهن ۾ (مختلف قسمن جي ٿولهہ وارين تارن جو قطر ماپجي.

wire gauze (وائر گاز) **n.** a kind of stiff close fabric made of fine wire, تمام سنهي تار جي ٺهيل جاري، لوهي ڪپهہ.

wired glass (وائرڊ گلاس) **n.** glass in which a wire mesh has been incorporated during rolling as a resistance against fire and explosion blast, تارن جي جاريءَ وارو شيشو، تارن جو جار وجهي ٺاهيل سخت شيشو.

wire-hair (وائر هيئر) **n.** a wire-haired terrier; having a coat of rather rough, hard hair; a fox terrier with this kind of coat, تارن جهڙي سخت وارن وارو شڪاري ڪتو.

wire heel (وائر هيل) **n.** in horses and cattle a defect or disease of the foot, (گهوڙن ۽ جانورن ۾) پيرن جو سڪر يا بيماري.

wireless (وائر ليس) **adj.** without or lacking a wire or wires; of or relating to telegraphy or telephony; without wires, بنا تند تار جو سرشتو يا سلسلو، بنا تند ۽ تار، تار بغير، تار ڪانسواءِ نظام.

wireline (وائر لائين) **n.** one of the close-set lines in laid paper, perpendicular to the water lines or chain lines, visible by transmitted light, ڪاغذ ۾ ٺاهيل اهين ليڪن مان هڪ ليڪ.

wire wool (وائر وول) **n.** a mass of very fine wire for scouring, سنهي تار جو مچو (جنهن سان مهٽي، مَلي يا ڪرڙي برتن کي صاف ڪجي)، لوهي ڪپهہ وارو مادو.

wiring (وائرنگ) **n.** the complex of wires in an electrical system or installation; the act of securing with, equipping with, or communicating by wire, بجليءَ جي سرشتي ۾ تارن جو مرڪب سرشتو، تارن سان ڳنڍڻ، جوڙجڪ بٺائڻ، پيغام پهچائڻ، تارن رستي قائم سرشتو.

wiry (وائري) **adj.** tough and flexible as wire; (of a person) thin and sinewy; untiring; made of wire, تار جو، تار جهڙو سنهو ۽ مڙڻو (تار وانگر)، سنهو ۽ ڪمزور انسان، هرڻ ڪکو، نہ ٿڪندڙ، لاڪڙو، تارن مان ٺاهيل.

wisdom (وزڊم) **n.** the quality of being wise; judgement; the ability to make right use of knowledge; prudence, common sense; learning, knowledge; the weight of informed opinion; a wise discourse, saying or teaching, or wise sayings generally; skilfulness, speculation, spiritual perception; sanity; the apocryphal book of Wisdom of Solomon; Jesus Christ, سياڻپ، عقل مندي، فيصلي ڪرڻ جي قوت، ڄاڻ، سمجهہ، قابليت، ڏاهپ، عقل، چترائي، زيرڪي، دانائي، هوش، دوراندیشي، ساڃاهہ عقل، وڪتيا، گيان، سياڻا سخن، سياڻو، قابل، الهامي ڪتاب، توريت، زبور، انجيل، عقلمنديءَ جا گر.

wisdom tooth (وزڊم ٽوٿ) **n.** any of four double back teeth cut after childhood, usu from the late teens, بالغ ٿيڻ ڪانپوءِ نڪرڻ واريون ٻيوين ۾ ڏاڙهون، عقل هوڙ، عقل ڏاڙهہ.

wise[1] (وائيز) **adj.** having knowledge; learned; able to make good use of knowledge; judging rightly, prudent, sensible; astute, shrewd, sagacious; discreet; skilful, proficient, dictated by wisdom; containing wisdom; pious, godly; skilled in magic; normal mentally, هوشيار، اڪابر، سياڻو، دانا، زيرڪ، عقل مند، هوش ولد، عاقل، چاڻو، سمجهو، ڏاهو، عقلمند، ڏاهپ سان فيصلو ڪرڻ وارو، منصف مزاج، ٻهچاڻ، سڌويرو، سپوجهہ، گياني، ٻڌوان، چتر، مدبرانو، هوشائتو، فهميدو، عاقلانو، جهانديدو، دور انديش، وڏي نظر وارو، عقلائو، جادوگر، گهڻ ڄاڻ.

wise[2], **weise** or **weize** (وائيز ويز آر ويز) **vt.** to guide in a certain direction, رستو ڏسڻ، هدايت ڏيڻ، خاص تربيت ڏيڻ.

wise[3] (وائيز) **n.** way, manner, now chiefly in the phrases 'in any wise', 'in no wise', 'in any way', 'in no way', دستور، ريت، طرح، پر، طور طريقي، نموني، ڪنهن ۾ سان ٿيندڙ يا نہ ٿيندڙ، وانگر، رستي.

wiseacre (وائيز ايڪر) **n.** someone who unduly assumes an air of superior wisdom; a wise guy; a simpleton quite unconscious of being one, ڪوئي جيڪو پاڻ کي وڏي ڄاڻ يا سياڻپ وارو سڏائي، وسوڙل يا سادو، اڻ ڄاڻ، احمق، لڪل سالڪ.

wisecrack (وائيز ڪرئڪ) **n.** a pungent retort or comment, a gibe or joke; to make wisecracks, دانائيءَ جو بول، چرچو ڪرڻ، دانائيءَ وارو مشورو ڏيڻ، عقل جي ڳالهہ ڪرڻ.

wise-like (وائيز لائيڪ) **adj.** sensible, judicious; decent; fitting; looking as if capable of playing one's part well, سمجهو، سياڻو، منصف مزاج، زيرڪ، عاقل، انصاف وارو، اشراف، پنهنجو حق پوري صلاحيت سان بجا آڻڻ وارو.

wisely (وائيزلي) **adv.** with wisdom; in a knowledgeable way; skilfully, عقل سان، هوش سان، هوشائتو، عقلاً، سياڻپ سان، ڏاهپ سان.

wise man (وائيز مئن) **n.** a sage or elder; a wizard, magician or seer, سياڻو، ڏاهو، عقلمند، بزرگ، جادوگر، سالڪ، ولي.

wisent (ويزنٽ) **n.** another name for the European bison (Ger), يورپي جهنگلي مينهن يا سانڍ جو ٻيو نالو، پولنڊ جو جهنگلي سانڍ.

wise woman (وائيز وومن) **n.** a witch or seeress; a mid-

wife, جادوگرياڻي، اڳ ڪٿي ڪرڻ واري زال، وير ڪرائڻ واري عورت، دائي، ڏاهي، ڏائڻ، ڏوتي، ماهر عورت، سياڻي.

wish (وش) **vt, vi & n.** to want or require, as in anything you wish, or wish a cup of tea; to desire, esp vainly or helplessly, as in 'wish you'd told me'; to express a desire for (luck, happiness) to come to; to say (good afternoon) to; to desire, to invoke; to impose, inflict or foist; to bid or request; to hope; to recommend; to bewitch; to greet, with; to have a desire; longing; a thing desired; an expression of desire, خواهش، گهرج، ضرورت، اميد، (دل جي مراد)، آرزو، مرضي، چاهت، چاهڻ، اڇا، دل سڌ، گهرڻ، پائڻ، نيت، ارادو، واڇنا، سنڪلپ، پت، دعا، منورٿ، مقصد مڙهڻ، ٻئي تي پنهنجي مرضي هلائڻ، موڪلائڻ مهل دعا ڏيڻ، دعائي لفظ يا ڪلمو، موهڻ، منڊڻ، موهه وجهڻ، مڙهڻ، خوش آمديد چوڻ، شوق، حسرت، شوق ظاهر ڪرڻ، گهرج ٻڌائڻ، خواهش جو اظهار ڪرڻ.

wishful (وش فل) **adj.** wishing; desiring; having or expressing a wish, خواهان، خواهشمند، مشتاق، آرزومند، خوش فهم.

wish fulfilment (وش فل فل مينٽ) **n.** the satisfaction of a desire in dreams, daydreams, اميدون پوريون ٿيڻ (جيڪي انسان ننڊ ۾ خوابن ذريعي يا جاڳندي سوچيون هجن)، اميدون پوريون ٿيڻ، مقصد بر اچڻ، آسون راس ٿيڻ.

wishful thinking (وش فل ٿنڪنگ) **n.** a type of thinking in which the individual substitutes the fantasy of the fulfilment of the wish for the actual achievement; a belief that a particular thing will happen, or is so, engendered by desire that it should happen, or be so, خوش فهميءَ واري سوچ، سڪثيون خواهشون ڪرڻ، آخر تائين اميد رکڻ ته سوچيل ڳالهه ڪڏهن نه ڪڏهن ٿيندي ضرور، اميد تي رهڻ، آسري ۾ رهڻ.

wishing bone or wish bone (وشنگ بون يا وش بون) **n.** the V-shaped bone formed by the fused clavicles of a bird's breast, by tradition pulled apart by two people in playful divination, the longer part indicating the first to be married or the one whose wish will be fulfilled; a V-shaped member used in independent suspension systems, وي اکر جهڙو هڏو (جيڪو پکيءَ جي سيني ۾ ٿئي ٿو)، سيني يا ڪوڙيءَ جي هڏي کي ٽوڙي فال وجهڻ، ويءَ شڪل وارو گاڏيءَ جو بار ڪشڻ وارو نظام، چمٽي شڪل سرشتو، گاڏيءَ جو چمٽو، سائيڪل جو چمٽو.

wishing-stone, tree, well (وشنگ اسٽون، ٽري، ويل) **n.** a stone, tree, well supposed to have the power of making a wish expressed at it come true, پٿر، وڻ ۽ کوهه جن ۾ اهو عقيدو هجي ته ان وٽ ويهي جيڪا خواهش ڪبي سا پوري ٿيندي، اميدون پوريون ڪندڙ شيون.

wishtonwish (وش ٽن وش) **n.** the N American prairie-dog; the whip-poor-will, اتر آمريڪا جو سال چارڻ وارن جو ڪتو يا زميني لوريڙو.

wish-wash (وش واش) **n.** anything wishy-washy; thin and weak; diluted; feeble; of poor quality, سنهڙو، ڏٻرو ۽ ڪمزور، پتڙو ڪيل، بيڪار قسم جو، ڦلهڙو ڳالهائو، ٿتو پاڻي، جهارو.

wishy-washy (وشي وشي) **adj.** feeble; inspired or indecisive in quality or character; (of tea, soup) weak, watery, sloppy, جهڙو ٿتو پاڻي، ڦلهڙو، ڪنگهو، بي زورو، اڱڙي جهڙو، ڍلو، ڪمزور، نرم خو، فيصلو نه ڪندڙ.

wisket (وسڪٽ) **n.** a basket ٽوڪري، ڪاري، ڇٻي، پٽڙي.

wisp (وسپ) **n, vt, vi.** a small bundle of straw or hay; a tuft, a shred; a thin strand or band; a small broom; a twisted bunch used as a torch; the will-o'-the-wisp, something slight or insubstantial; a flock (of snipe); to make into a wisp or bundle; to rub down with a wisp; to fall, drift or otherwise move in wisps or like a wisp, ڪکن يا گاهه جي موڙي، گڏو، مُٺو، ٽنڊڙو، ٻهاريءَ وانگر ٻڌل موڙي، موڙيل ڇڳو، ٽپي، شيطاني مشعل، غول بياباني، ڇَلَ، اجائي آس، سَچ جو ڏيکو، طريقي، معمولي شيءِ، هلڪي شيءِ، ٽڙڪڻ، لاڙ، ڇَلَ، اجائي آس، سَچ جو ڏيکو، طريقي معمولي شيءِ، سستي شيءِ هلندي لاڙ، پاڻ نه جهلي سگهڻ، سنهڙو، تيليءَ جهڙو.

wist (وسٽ) **vt, vi.** to know, جاڻڻ، سمجهڻ، معلوم ڪرڻ، جاتو.

wistaria (وسٽي ريا) **n.** a plant of genus of papilionaceous plants, some of the species among the most magnificent ornamental climbers known in English gardens, (باغن ۾) رنگا رنگي ۽ سهڻيون وليون، انگلنڊ جون جاين تي چڙهندڙ سهڻن گلن واريون وليون.

wistful (وسٽ فل) **adj.** longing; yearning with little hope; pensive; intent; earnest, اڪنڍيو، سوچ ويچار ۾ پيل، سڪڻ، سارڻ، سنڀارڻ، اڪير وارو، آسرولد، پاٻوهيو.

wistiti (وسٽيٽي) **n.** a marmoset, پولڙو، باندر، لوريڙي شڪل باندر، لوريڙو پولڙو.

wistly (وسٽلي) **adv.** longingly, earnestly, ڪهڻي سڪ ۽ پاٻوهه سان (سارڻ)، اڪير سان (ياد ڪرڻ).

wit[1] (وٽ) **vt, vi.** to know; to be aware; to recognize, discern; to know how; knowledge; information, cognisant; conscious; deliberate; knowingly; by design, ڄاڻ، اطلاع، معلومات، خبر، ٻڌ سڌ، هريو پريو، ڄاتو، سمجهو، سياڻو، باخبر، خبردار، ڄاڻي واڻي، سوچي سمجهي.

wit[2] (وٽ) **n.** the mind; the understanding; imagination or invention; ingenuity; intelligence, sense; the five bodily senses or a mental faculty general-

ly; the power of combining ideas with a pointed verbal effect; the product of this power; humour, wittiness; a person endowed with wit; information, سمجهه، تيز فهمي، حوصلو، خوش طبعي، مت، حواس، هوش، تميز، لکتو، حاضر جوابي، مذاق، شرافت، چتر زبان، حاضر جواب، ذهن، عقل، ڄاڻ، سوچ، واقفيت، پنج انساني حواس، هوشيار، ذهين.

witblits (وٽ بلٽس) **n.** a strong home-distilled alcoholic spirit (SAfr), (ڏکڻ آفريڪا جو گهر ۾ ٺاهيل) تيز شراب.

witch (وچ) **n, vt & vi.** a person, esp a woman, supposed to have supernatural or magical power and knowledge esp through compact with the devil or a minor evil spirit; a hag, crone; a dangerously or irresistibly fascinating woman; a wizard; a flatfish the craigfluke; to bewitch; to effect, change, transport etc by witchcraft; to practise witchcraft or fascination, ڏائڻ، جادوگرياڻي، پوپي، ٻالپ، موهڻي، سهڻي ۽ تجليدار عورت، هوشيار، ڏاهو يا ڏاهي، مڇيءَ جو قسم، جادوءَ رستي عمل ڪرڻ، اثر وجهڻ، نظر وجهڻ، نظر هڻڻ، موهڻ، نظرن رستي متاثر.

witchcraft (وچ ڪرافٽ) **n.** the craft or practice of witches; the black art, sorcery; supernatural power, ڪارو علم، جادو، تعويذ ڌاڳو (جادوءَ وارو)، جادوئي عمل، جادوگري، اسرار.

witch doctor (وچ ڊاڪٽر) **n.** in tribal societies, a magician who detects witches and counteracts evil magical influence; someone who professes to heal by means of magic, جادوءَ جي علم سان علاج ڪندڙ ماهر ڏائڻين ۽ جادوگرياڻين کي ڪيندڙ، جادوءَ جو توڙ ڏيندڙ، عامل.

witchen (وچن) **n.** the mountain ash; the wych-elm, جبل جوديال پولو، يا ٿان چاول پوکو، ننڍو وڻ، جهنگلي بوٽا.

witchery (وچري) **n.** witchcraft, power exercised by beauty or eloquence or the like, enchantment. جادو، دل رَبائي، ڀوهه، موهه وجهڻ، جادو ڪرڻ، جادوءَ يا موهه رستي پنهنجي هٿ وس ڪرڻ، سولهن سان موهڻ.

witches' brew (وچز بريو) **n.** a heady concoction of disparate elements, a confused or mysterious mixture, ست رَڃي طعام، عجيب قسم جو پاڻيٺ يا عرق.

witches' broom (وچز بروم) **n.** a dense tuft of poorly developed branches formed on a woody plant attacked by a parasite (chiefly fungi and mites), وڻ جي ڪچين شاخن جو مڇو جيڪو بيماريءَ ڪري جهڪي ۽ سَسي وڃي ۽ اڳتي واڌ نه ڪري.

witchetty (وچيٽي) **n.** any of the edible grubs of species of certain moths and of longicorn beetles (Aboriginal), جيتن ۽ تندڻن جا ڪاڇرو حصا، مکڙ جو ڪاڇرو ڏيڙ، سوبت ۾ بچا.

witch-hazel (وچ هيزل) **n.** any of a number of trees, such as the wych-elm, the hornbean, or a N American shrub a distillate of whose bark and leaves is dissolved in alcohol to make an astringent lotion; this lotion, used for treating bruises, اتر آمريڪا جا مختلف وڻ (جن جا ڇوڏا ۽ پن ڪاڙهي شراب ۾ ملائي ملر يا مالش واري تيل جي صورت ۾ زخمن تي لڳائڻ).

witch hunt (وچ هنٽ) **n.** the searching out of political opponents for exposure on grounds of alleged disloyalty to the state; any comparable hunting-down; or persecution of a group or an individual alleged to be behaving in a dangerously heretical manner, سياسي مخالفت ڪندڙ ماڻهن کي ڳولي ڪين تنگ ڪرڻ، پنهنجن مخالفن کي ڳولي نقصان پهچائڻ، سوداڻيءَ يا چرڻي کي ڳولي حفاظت ۾ وٺڻ.

witch knot (وچ ناٽ) **n.** a knot, esp in the hair, supposed to be tied by means of witchcraft, وارن ۾ ڏنل ڳنڍ (جادوءَ جي زور تي)، ڏائڻن جي چوليءَ جي ڳنڍ (جنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته ڪولڻ سان ڳنڍ جو منڍ لهيو وڃي).

witch meal (وچ ميل) **n.** the inflammable pollen of the club-moss, lycopodium, مختلف وڻن جو ٻور، نر وار مادو.

witch's hat (وچيس هيٽ) **n.** a tall black conical brimmed hat, the traditional wear of fairytale witches, (جادوگر ياڻيءَ يا ڏائڻ جو) ٽرلو ٽوپ.

witch-wife (وچ وائيف) **n.** a woman who practises witchcraft, ڏائڻ يا جادوگرياڻي.

wit-cracker (وٽ ڪريڪر) **n.** someone who makes witty remarks in a crisp style, چرچائي، مزيدار نموني ۾ ڳالهيون ٻڌائيندڙ، نقطي دان، چالو، باخبر.

wite, wyte or wight (وائيٽ) **n, vt.** to blame; to lay the blame on; blame, reproach, ڏوهه ڏيڻ، تهمت رکڻ يا هڻڻ، چيڀڻ، ڏوهه مڙهڻ، الزام ڏيڻ، گلا ڏيڻ.

Witenagemot (وٽنگاموٽ) **n.** the supreme council of England in Anglo-Saxon times, composed of the bishops, the ealdormen of shrines and a number of king's friends and dependents, قديم انگلستان جي هڪ مجلس جنهن ۾ مختلف طبقن جا ماڻهو، مذهبي ادارن جا متولي، دوست، احباب بادشاهه طرفان ڇاٽيا ويندا هئا.

witgat or witgatboom (وٽ هٽ يا وٽ هٽ بوم) **n.** a S African evergeen tree, with pale bark, hard coarse-grained white wood and edible roots used esp as a coffee substitute when roasted; any of various species of the genus Boscia, ڏکڻ آفريڪا جو هميشه ساوو رهندڙ آچي ڪاٺ وارو وڻ جنهن جي پاڙ ڪافيءَ والگر ڪاڙهي پيتي ويندي آهي.

with[1] (وٿ) **prep.** denoting nearness, association or connection; by, beside; among; on the side of; in the company of; in the possession or care of; having or containing; possessing; characterized by; in the same direction as; at the time of; at the same time or rate; featuring, starring; supporting, سان، ساٿ، ساڻ، سين، سان گڏ، ڀيڙو، سميت، سوڌو، سهاءِ، ڪر، سنگ، وٽ، (مَڙ) سيتي، (سر) سيتي، هٿ هيٺ، شامل، ساٿ ۾، خاصيت وارو، عمل وارو، ساڳي وقت، ساڳي هنڌ، مددگاري، سهڪاري، موجودگي، حاضري.

with[2] (وٿ) **n.** (building) a partition between chimney flues, بخاريءَ جي الدران لڪرلدڙ لڙين جي وچ ۾ ڏنل آڙ.

with[3] or **with** (وِڌ، وائڌ) **n, vt.** a flexible twig, esp of willow; a band of twisted twigs; a halter; an elastic handle to a tool to save the hand from the shock of blows; a boom-iron; to bond with a with or withes; to capture with a noose of withes, لچڪيدار ڻاري، شاخ، ونيل ڻارين جو مُڇو، (وڻ جي) لام، ڪام، لاڪڙ، ورو، ڇَهو.

withal (وٿل) **adv, prep.** with all the rest; besides; therewith; thereupon; nevertheless, for all that; an emphatic form of with, used after its object, باقي رهيل، سڀني سان گڏ، ڪانسواءِ، (انهن يا ان) سان گڏ، ان تي، ان هوندي به، پڻ، به، شامل.

withdraw (وٿ ڊرا) **vt, vi.** to draw back or away; to take back or away; to cause (troops) to retire; to take (money, savings) from deposit or investment; to remove; to cancel or discontinue; to deflect, turn aside; to recall, retract, unsay; to retire; to go away; to back out of a contest or other activity; to stop oneself taking (a drug); to become uncommunicative or unresponsive; to take back what one has said, or to recall a motion one has proposed, واپس ورڻ، ولڻ، ڪيرائڻ، مسوڪائي ڇڏڻ، ڪڍي ڇڏڻ، (بئنڪ مان) پيسا ڪيرائڻ، (پردو) لاهڻ، (مقابلي مان) دست بردار ٿيڻ، ڳالهه ڪڍي ڪائي ڇڏڻ، (لفظ يا لفظو) واپس ولڻ، پاسيرو ٿيڻ، ڇڏي ڇڏڻ، لڪري ڇڏڻ، ٽري پاسو ڪرڻ، بند ڪرڻ، (نشو ڪرڻ)، ڇڏڻ، لاتعلق ٿيڻ، قطع تعلق ڪرڻ، ڪيل ڳالهه واپس وٺڻ، ڳالهه تان ڦري وڃڻ، مڙي وڃڻ، پيش ڪيل معاملو واپس وٺڻ، ڦري وڃڻ.

withdrawal (وٿ ڊراول) **n.** an act or gradual process of withdrawing; retreat, esp if unforced; the removal of money from a bank account; the breaking of a drug addiction, with associated discomfort; a retreat into silence and self-absorption; coitus interruption, as a means of contraception, آهستي آهستي واپس ولڻ يا ورڻ، پوئتي هٽڻ، (بينڪ مان) پيسا ڪيرائڻ، مولي ڪڍڻ، ڪڍي ولڻ، ٽارو ڪرڻ، پوئتي هٽڻ، نشي ڇڏڻ ڪري تڪليف ٿيڻ، جماع ۾ مني ٻاهر هارڻ، پنهنجي منهن وڃڻ، تعلق قطع ڪرڻ، پنهنجي معاملن ۾ مشغول ٿيڻ.

withdrawal symptom (وٿ ڊراول سمپٽم) **n.** any of a number of symptoms such as pain, nausea or sweating, experienced by someone being deprived of a drug to which he or she is addicted, نشو ڇڏائڻ واري ڪي نشي نه ملڻ ڪري ڪيترين تڪليفن مان ڪائي به تڪليف، جهڙوڪ سور، الٽيون اچڻ، پگهر اچڻ وغيره.

withdrawn (وٿ ڊران) **adj.** (of a place) secluded; remote; (of a person, manner) detached; uncommunicative, unresponsive, shy or reserved; introverted, اڪيلي جڳهه، پري پنڌ تي، سڀي واٽ، سڀني کان پري رهندڙ، ڪنهن سان لاڳاپو رکڻ يا موٽ ڏيڻ کان وانجهيل، شرميلو، ڏار ڏوتڙيو.

wither (وِڌر) **vi, vt.** to fade or become dry; to lose freshness; to languish, decline; to decay waste; to cause to dry up, fade or decay; to blight, destroy; to humiliate, mortify or cause to feel very unimportant or despicable; to dry, مرجهائڻ، ڪومائڻ، ڪومائجڻ، سڙڻ، ڳرڻ، مرڻ، جلڻ، سڙي يا ڪومائجي ءِ سڪي وڃڻ، تازگي ختم ٿي وڃڻ، جهري وڃڻ، سڪائڻ، سُسَڻ.

withering (وڌرنگ) **n, adj.** fading, becoming dry; or causing to do so; used for drying or curing; blasting, blighting, scorching; destructive; snubbing, humiliating, destructive, مرجهاءُ، ساڙو، ڪومائي، مرجهائي، ڪومائجڻ، سڪي وڃڻ، سڪائي ڇڏڻ، سڪائڻ، صفا ڪرڻ، ڪجهه (وجهي) صاف ڪري ناس ڪندڙ، تباهه ڪندڙ، ساڙيندڙ، سڪائيندڙ، تنگ ڪندڙ، بيزار ڪندڙ، گهٽ وڌائي ڪندڙ، نقصانڪار، هاڃيڪار.

witherite (وڌيرائيٽ) **n.** the chief source of barium compounds, barium carbonate, occurring as orthorhombic crystals in pseudohexagonl pyramids, بيريم ڪاربونيٽ جو خاص وسيلو، معدني ڌاتوءَ جو ماخذ.

withers (وڌرز) **n.pl.** the ridge between the shoulder blades of a horse, گهوڙي جي ڪنڌ جي ڦڪين جي وچ واري وٿي، گهوڙي جي ڪِڇي، گهوڙي جو مَڏڪو، گهوڙي جو پلو.

withershins (وڌر شنز) **adv.** in the contrary direction; contrary to the course of the sun; in the wrong way, ابتي يا سامهون واري پاسي، سج جي ابتڙ پاسي، غلط رستي ۾ يا غلط طريقي سان، الٽي طرف، سج مخالف طرف يا رخ.

wither-wrung (وڌر رنگ) **adj.** injured in the withers, گهوڙي جي ڪنڌ جو زخم، ڪلهن تي ڪاٺ.

withhold (وڌ هولڊ) **vt, vi.** to hold back, restrain; to keep back; to refuse to give; to keep in bondage or

custody; to refrain from; to postpone, جهلي وڻڻ. روڪي ڇڏڻ. پوئتي وڻڻ يا رکڻ. ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ. بند ڪري جهلڻ. قيد ڪرڻ. روڪجي پوڻ. مهمل ڪرڻ. روڪڻ. جهلڻ. (هٿ) ڪڍي وڻڻ. ناڪار ڪرڻ. ساڙ رکڻ. (مدد) بند ڪرڻ.

withholding tax (وڌ هولڊنگ ٽيڪس) **n.** income tax deducted at source, incl tax levied by a country on dividends, etc, آمدني تي وڌل محصول.

within (وڌ ان) **n.** in or to the inner part of; inside; in the limits of; not going beyond; in less than a certain time; on the inner side of; entered from; into; inside; in the inner part; inwardly; in the mind, soul, heart; behind the scenes; indoors; in or to an inner room; herein, اندران. اندرئي اندر. باطن. گهر ۾ اندر. منجهه. (ڪمائيءَ) آهر. (پهچ يا وَس) ۾. کان ٻاهر نہ. اندرئين حصي منجهہ يا ان ڏانهن. (اندرين) حدن ۾. ٻاهر نڪري نہ وڃڻ. گهٽ مدت ۾. (دل) اندر ۾.

within land (وڌن لينڊ) **n.** inland, ملڪ اندر. اندرئين طرف.

within reach (وڌن ريچ) **n.** so positioned as to be obtainable or attainable without much difficulty, effort or loss of time, ڪوشش ڪانسواءِ هٿ ايندڙ يا ملندڙ. سولو حاصل ٿيندڙ. آسان. ويجهو رکيل. پرسان.

without (وڌائوٽ) **prep.** not having the company of; deprived of; not having; lacking; free from; not behaving (as expected); not giving, showing, not encountering; in neglect of a usual procedure; not using not having the help of; if it had not been for; outside or out of; outside the limits of, ٻاهران. ٻاهر. ٻهر. ٻاهريون. گهر کان ٻاهر. ٻاهريون طرف. صحبت يا سنگت کان والجهيل يا محروم ٿيل. ڪانسواءِ. ٻاجهون. ڌاران. بنا. بلا. بگر. بغير. بي.

without-door (وڌ ائوٽ ڊور) **n.** outward, ٻاهر. ٻاهرئين طرف.

without distinction (وڌائوٽ ڊسٽنڪشن) **n.** indiscriminately, بنا سوچ سمجهہ جي. بنا فرق ۽ لحاظ جي. بنا پاسخاطريءَ جي.

without doors (وڌائوٽ ڊورس) **n.** out of doors; outside the family, nation; outside Parliament, دروازن کان ٻاهر. خاندان. ڪٽنب. قوم کان ٻاهر. پارليامان کان ٻاهر. قوم کان ٻاهر. گهر کان ٻاهر. ملڪ کان ٻاهر. ٻاهرئين ملڪ ۾.

withstand (وڌ اسٽينڊ) **vt, vi.** to oppose, brave or resist; to hinder; to stand one's ground, offer resistance, مهاڏو اٽڪائڻ. مخالفت ڪرڻ. مقابلو ڪرڻ. سامهون ٿي روڪڻ. مقابلي ۾ مضبوطي سان بيهڻ. (ڪي) منهن ڏيڻ. آڏو ٿيڻ. جهلڻ. روڪڻ.

withwind or **withywind** (وڌ وائينڊ آر وڌي وائينڊ) **n.** bindweed, or other climbing plant, ول. ولين جون جنسون.

withy (وڌي) **n.** the osier willow; any willow; a flexible twig or branch, esp one used for binding, بيد جو وڻ. لام. لڪڙ. ڇهو. ٽاري. ڪام. ڇهي. اصل بيد جنهن مان ڪرسيون وغيرهہ واڻبيون آهن.

witloof (وٽ لوف) **n.** a kind of chicory with large leaves, ڪاسنيءَ جو ٻوٽو.

witless (وٽليس) **adj.** lacking wit, wisdom or sense; without intellectual faculties; out of one's mind; stupid, unintelligent, بي سمجهہ. بيوقوف. اڻ ڄاڻ. جاهل. بي عقل. ڏڏ. موڙهل. ڄڏو. چسو.

witness (وٽ نيس) **n, vt & vi.** one who sees or has personal knowledge of an event; one who gives evidence; one whose signature confirms the genuineness of a document, or of a signature already added; a remnant of original surface or scribed line left during machining or hand-working to prove that a minimum quantity of material has been removed or an outline accurately preserved; to attest; to act as legal witness; to sign, to add one's signature in confirmation of the genuineness of a document, شاهد. ڳالهہ يا معاملي جي ڄاڻ رکندڙ. معلومات ڏيندڙ. ساک. گواهي. اوڳاهي. اوڳاهہ. ساکي. گواهہ. شاهدي. تصديق. ثبوت. پسڻ. ڏسڻ. شاهدي وجهڻ. ساک ڀرڻ. شاهدي ڏيڻ. نشاني ڏيڻ. ظاهر ڪرڻ. تصديق ڪرڻ. صحيح وجهڻ. پڪ ڏيڻ. خاطري ڪرائڻ.

witness box or **stand** (وٽ نيس باڪس يا اسٽينڊ) **n.** the enclosure in which a witness stands when giving evidence in a court of law, عدالت جي ڪمري ۾ شاهدن جو پڃرو. شاهدن جي بيهڻ جو ڪٽهڙو.

witter or **whiter** (وٽر) **vi.** to talk or mutter peevishly or ineffectually, مسڪينيءَ واريءَ حالت ۾ ڳالهائڻ. ڀڻ ڀڻ ڪرڻ. ميڪڻ. ڪرڪڻ. ڪنجهڻ.

witticism (وٽي سزم) **n.** a witty remark, لطيفو. هلڪو چرچو. گفتو. جڳت بازي. ظرافت آميز گفتو. مزاحيہ جملو.

wittily (وٽي لي) **adv.** in a lively way; to say or utter as a wit, چترائي. حرفت سان. عقل سان. حوصلائتو. ڏاهپ سان.

witting (وٽنگ) **n.** aware; intentional, باخبر. ڄاڻو. ارادي سان. ڄاڻي ٻجهي. ڄاڻي واڻي. سعيو ڪري.

wittingly (وٽنگلي) **adv.** with full knowledge and intention; knowingly, ديدهہ دانستو. ارادتاً. ڄاڻي ٻجهي. خبر هوندي.

wittol (وٽل) **n.** a man who knows his wife's faithlessness, and submits to it, شخص جنهن کي پنهنجي زال جي بيوفائيءَ جي سڌ هُجي پر ان هوندي بہ ماٺ ڪري برداشت ڪري. ديوث. ڀڙوو. بي غيرت.

witty (وٽي) **adj.** showing verbal wit; characterized by wit or humour, چرچائي، حاضر جواب، مذاقي، ظرافت آميز، چرچي جو، چرچي ۾.

witwall (وٽ وال) **n.** the green woodpecker or the greater spotted woodpecker, يورپ ۽ ايشيا جو سائو ڪاٺ ڪٽو پکي.

wive (وائيو) **vi., vt.** to take for a wife; to provide with a wife; to become the wife of; to marry a wife, زال (ڪنهن جي) زال ٿيڻ، زال پرڻجڻ، پاڻهن وٺڻ، سڱ ڪرڻ، شادي ڪرڻ.

wivern (وائيورن) **n.** a fictitious monster, winged and two-legged combining characteristics of the dragon and the griffin, خيالي راڪا، ٻه ٽنگو خيالي نانگ.

wizard (وزرڊ) **n, adj.** a man who practises witchcraft or magic, a sorcerer or magician; someone who works wonders, an expert, a genius; a wise man; with magical powers; wonderful, delightful, جادوگر، پيرو، هر فن مولي، پانيو، ڪامڻ گور، ڪلاڪيندڙ، ولدرائيندڙ، هوشيار، ماهر، ڪاريگر، سياڻو، عقلمند، حڪيم، طبيب، گوهر.

wizardry (وزرڊري) **adv.** sorcery, magic, جادوگريءَ جو فن يا علم.

wizen (وزن) **vt, vi & adj.** to make or become dry and shrivelled; wizened, سڪائڻ، گهنجائڻ، سڪل، گهنجيل، سڪل سڙيل، ڪُبوس، ڪُبوسڙو.

woad (ووڊ) **n.** a genus (Isatis) of cruciferous plants, mostly natives of countries round the Mediterranean, a species of it; yielding a good and very permanent blue dye, largely superseded by indigo; the dye itself, بوٽو جنهن مان پڪو نيرو رنگ نڪرندو هو، نير جهڙو بوٽو، نيرو رنگ، يونوچ سمنڊ جي علائقي جو نير بوٽو.

wobbegong (ووبي گانگ) **n.** a carpet shark (Aboriginal), لنڊي شارڪ مڇي.

wobble (ووبل) **vt, vi, n.** to move unsteadily or uncertainly from side to side; to progress thus; to shake or rock, be unstable or unsteady; to quiver; (of voice) to quaver, be unsteady; to vacillate, waver; an unsteady, unequal motion or movement, غير محڪم، لڏڻ، لمڻ، جهولڻ، ڪنگرڙائي، ٿرڙڻ، هلڻ ۾ لوڏ، قدمن جي غير مضبوطي، لوڏڻ، لوڏي ملائڻ، (آواز ۾) لهر، گهٽ وڌ ٿيندڙ رفتار.

wobbly (ووبلي) **adj.** shaky; unsteady through illness; inclined to wobble; a fit of nerves, ٻڏتر ۾ پوندڙ، غير محڪم، ساڻائيءَ جو دؤرو، لڏندڙ، لمندڙ، ڪمزور، ٿرڙو.

wodge (ووج) **n.** a large or roughly-cut portion; a lump, chunk or wad, وڏو ۽ اڻ سڌو وڍيل ڀاڱو، ڳوڙهو يا ليوڙو، پيڙو، ٽڪر، ڀاڱو، حصو، ڳچ، ڳپل، پنوڙو.

woe or wo (وو) **n, adj.** grief; misery; a misfortune or calamity; a physical pain; a curse; an exclamation of grief; sad, wretched, sorry, ڏک، تڪليف، بدقسمتي، آفت، بدن جو درد يا پيڙا، غمگين، بد حال، مصيبت، افسوس، سور، غم، دک، برو حال، غم ۾ ٻڏل، گولڊر، پٽيل، پاراتيل، بدنصيب.

woeful (ووفل) **adj.** sorrowful or afflicted; bringing misery or calamity; deplorable; wretched, paltry, غم ۾ پيل، غم پريل، مصيبت يا پيڙا جو اچڻ، ڪين جهڙو، بد حال، غمگين، دکدائڪ، ڏک جهڙو، بُرو، بد نصيبيءَ وارو، بري حال ۾، بدحال.

wog[1] (ووگ) **n.** any non-white foreigner, orig used only of Arabs, (يورپ يا آمريڪا ۾) ٻاهرئين ملڪ جو (ڪارو) ماڻهو.

wog[2] (ووگ) **n.** an insect or grub; a germ, bug, infection, illness, جيت، ڪيڙو، مڪڙ، بيماري، سوبت، ڪينئون، جيوڙو، جيوڙي ورتل، بيمار، بد اثر، عفونت.

woggle (ووگل) **n.** the ring of leather, plastic or other material through which Scouts and Guides, thread their neckerchiefs, چمڙي، پلاسٽڪ يا ڪنهن ٻئي شيءِ مان ٺهيل چلو يا ڪڙو (جنهن سان اسڪائوٽ ۽ گائيڊ پنهنجا رومال گلي ۾ ٻڌندا آهن).

wo ha ho (وو ها هو) **interj.** a call for summoning a bird. پکيءَ کي سڏڻ.

wok or wock (ووڪ) **n.** a hemispherical pan used in Chinese cookery (Chin), ديگڙي، پاتيلي، ڪڙهائي، رڌ پچاء جو اڌ گول شڪل ٿانءُ، هنڊي، تئي.

wold (وولڊ) **n.** an open tract of country, now chiefly upland country, (ملڪ جو) کليل يا غير آباد حصو، پالو، پٽو، پٽو، پوٺو، ميدان، برپٽ.

wolf (وولف) **n.** the common name of certain predatory species of the genus Canis that hunt in packs, including the common wolf, the grey or timber wolf, and the coyote; anything symbolically seen as a cruelly rapacious or ravenous creature; a greedy and cunning person; a man who insatiably pursues and seduces women, بگهڙ، ناهر (جانور)، بگهيڙ، گرگ، بگهڙ جهڙين عادتن وارو، ڪتو، دغاباز، حرام خور، مڪار، بدمعاش، زناخور، زناڪار، بي درد، بي رحم، ظالم، انسان جي شڪل ۾ بگهڙ.

***cry* wolf** (ڪراءِ وُلف) **vi.** to give a false alarm, from the story of the boy who cried 'wolf' when there was none, and was not believed when there was one, ڪُوڙيون دانهون ڪرڻ، هروڀرو هُل هنگامو ڪرڻ، بگهڙ آيو، بگهڙ

آيو جون ڪوڙيون دانهون ڪرڻ.

wolf berry (وولف بيري) **n.** a N American shrub of the honeysuckle family, with white berries, hairy leaves and pink flowers, اتر آمريڪا جو اڇن ٻيرن وارو ٻوٽو.

wolf dog (وولف ڊاگ) **n.** a dog of a large breed formerly used in hunting wolves and guarding sheep from attack by wolves; a cross between a wolf and a domestic dog, وڏي قد ۽ بدن وارو ڪتو، بگهڙ ۽ ڪتي جي مليل جنس وارو ڪتو، خونخوار ڪتي جي جنس.

wolf fish (وولف فش) **n.** any genus of fierce and voracious salt-water fishes, خون خوار ساموڊي مڇيون، گوشت خور مڇيون، گيري، ڪارپلي مڇي.

wolf hound (وولف هائونڊ) **n.** any of several breeds of large domestic dog, as the Irish wolfhound, formerly used to hunt wolves, گهريلو وڏي قد ۽ بدن وارو ڪتو، بگهڙن سان وڙهڻ وارو شڪاري ڪتو.

wolf pack (وولف پيڪ) **n.** a pack of wolves; a flotilla of submarines surfacing together for attack, بگهڙن جو ولر. (سمنڊ اندر هلندڙ) آب دوز جهازن جو آر ماڙ.

wolfram or **wolframite** (وولفرام آر وولفريمائيٽ) **n.** a native compound of tungstate of iron and manganese; tungsten (Ger), لوهه ۽ مينگنيز ڌاتن جي ملاوت سان ٺاهيل مرڪب معدني مادو.

Wolf-Rayet Star (وولف ري ات اسٽار) **n.** one of a rare class of very hot stars, whose spectra are similar to those of nova, broad bright lines predominating, indicating violent motion in the stellar atmosphere, ورلي نظر ايندڙ تمام گرم آسماني تارو يا گرهه.

wolf's peach (وولفس پيچ) **n.** the tomato, ٽماٽو (ٻاڃي).

wolf spider (وولف اسپائيڊر) **n.** any spider of the genus to which the true tarantula belongs, or of the family Lycosidae, زهريلو ڪوريئڙو.

wolf tooth (وولف ٽوٿ) **n.** a small supernumerary premolar in a horse, (گهوڙي جو) ننڍو ڏند.

wolf whistle (وولف وسل) **n.** a two-note whistle uttered as a coarse expression of admiration, typically by a man at the sight of a woman, ٻن آوازن ڪڍڻ واري سيٽي، عورتن کي ڏسي سيٽي وڄائڻ، وات ۾ ٻه آڱريون وجهي سيٽي وڄائڻ.

wollastonite (وولسٽا نائيٽ) **n.** a pyrozene of relatively simple composition, silicate of calcium, $CaSiO_3$, also called tabular spar, ڪيلشيم جو سليڪيٽ وارو معدني ڌاتو.

wolly[1] (وولي) **n.** a uniformed policeman, esp a raw young constable, سيڪڙات (وردي ۾) پوليس وارو، غير تربيت يافته سپاهي، رنگروٽ، تربيت هيٺ پوليس وارو سپاهي.

wolly[2] (وولي) **n,** a pickled olive or cucumber, سنڌيل زيتون يا ونگو، بادرنگ جو آچار، زيتون جو آچار.

wolverine or **wolverene** (وولورين) **n.** a large solitary carnivorous mammal of the weasel family, found in the forests in N America and Eurasia; its fur, اتر امريڪا ۽ يورشيا جي ٻيلن ۾ رهندڙ نور جي جنس جو گوشت خور جانور، ڪستوري نور جي نسل جو سڀ کان وڏو ۽ خونخوار جانور، اهڙي قسم جي جانور جي وارن واري کل جا فيشن طور استعمال ٿئي.

woman (وومن) **n.** an adult female of the human race; a wife; a mistress; the female sex, women collectively; a female attendant; a char-woman or daily domestic help; a man over-concerned with domestic niceties, عورت، زال، گهرڌياڻي، زناني جنس، مادي، استري، مهري، نار، ناري، ٽهلي، گهريلو مرد، داسي، نوڪرياڻي، سهيلي، ساهڙي.

womanfully (وومن فلي) **adj.** like a woman of spirit, همت واري زال، بهادر عورت، دل واري زال.

womanhood (وومن هڊ) **n.** the state, character or qualities of a woman; women-kind, عورت پڻو، عورت جهڙي حالت، زنانيون خصلتون، اخلاق ۽ گڻن واري زال، زالپڻ، استري پڻو، زال جي بلوغت، مادي پڻو.

womanish (وومنش) **adj.** (of a man) effeminate, unmanly; suitable or characteristic of a woman, زنانو (مرد)، نسواني خاصيتن وارو، مادي منهون، نازڪ، هلڪڙو.

womanize (-s) (وومنائيز) **vt, vi.** to make or become effeminate, (of a man) to pursue woman with a view to amorous adventures, عورت بڻائڻ يا ٿيڻ، (مرد جو عورتن جي پٺيان پوڻ)، زنانو بڻائڻ، رلڊي بازي ڪرڻ، زنا ڪرڻ.

woman kind (وومن ڪائينڊ) **n.** women in general, زالون، زالفائون، عورتون، مادي جنس.

womanly (وومنلي) **adj, adv.** like or becoming to a woman; feminine; in the manner of a woman, زنانو، زالاڻو، عورتن جهڙو، زالڪو، زال لائق، زالن وانگر.

womb (ووم) **n, vt.** the uterus, the organ in the female mammal in which the young develop after conception and stay till birth; the abdomen, the stomach or the bowels; the place where anything is conceived, originated, developed or produced; any deep cavity; any warm, sheltering, enclosing environment, کوٺ، ڪڙهه، تخمدان، زنانو مخصوص عضوو، مادي عضوو، حمل، پيٽ، پيٽ جهڙي شيء، اهڙي جڳهه جتي ڪا شيء سانڍي رکجي، اونهي جڳهه، جڳهه جتي ڪا شيء تيار ڪجي، مڪمل ڪري ٻاهر آڻجي، ٻچي داني، گرڀ، ڳيرڻ، ڳڀڻ، گرڀ آستان.

wombat (وومبٽ) **n.** an animal belonging to any of several species of heavy, shortlegged, herbivorous, burrowing marsupials, جانور جيڪو بدن ۾ ڳرو، ننڍين ٽنگون وارو، گاهه ٻوٽا کائڻ وارو هجي، زمين اندر رهندڙ ننڍڙا جانور، آسٽريليا جو هڪ ٿيلهيءَ وارو ڪمياب جانور.

women (وومين) **n.pl. adj.** female, as in woman doctor; to cause to act like a woman; to play the part of a woman; to provide or staff with a woman or women; to call a person 'woman' abusively, عورتون، عورتن وانگر هلت، عورت جو ڪردار ادا ڪرڻ، ڪنهن مرد کي چوڻ تہ تون زنانو آهين، لوڪڻ، زنانو عمل مقرر ڪرڻ، زالون ڀرتي ڪرڻ، عورتن حوالي ڪرڻ.

won[1] (ون) **n.** the standard monetary unit of North and South Korea, (اتر ۽ ڏکڻ) ڪوريا جو وڏو سڪو.

won [2] (ون) **vi.** to dwell, abide; to be, or become, accustomed, رهڻ، تعميل ڪرڻ، عمل ڪرڻ، هري مري وڃڻ، ڪنيون ڪنائڻ، ڄاڻ سڃاڻ ڪرڻ، رهائش اختيار ڪرڻ، ٻڌل رکڻ.

wonder (ونڊر) **n, adj, vt & vi.** the state of mind produced by something new, unexpected or extraordinary, amazement, awe or battlement, admiration; the quality of being strange, unexpected or awesome; a strange, astonishing or admirable thing or happening, a marvel; a prodigy; a miracle; a sweet friedcake, a cruller; to speculate, to ask oneself, عجب، بي وقتي شيءِ، غير معمولي، تعجب ۾ وجهڻ واري حالت، خوف يا جنگ جي صورتحال، (دل جي ڪيفيت جو) عجيب هجڻ يا ٿيڻ، عجب جهڙي شيءِ، عجيب، عجبائتو، عجب ۾ وجهندڙ، نرالو، سهڻو، خوبصورت (نظارو)، اچرج جهڙو، تعجب ۾ پوڻ، پاڻ کان پڇڻ.

wonderful (ونڊر فل) **adj, adv.** causing wonder; strange, extraordinary; expressing vague commendation, admirable, splendid; wonderfully, عجب ۾ وجهندڙ، عجيب، غير معمولي، ساراهہ جوڳو، عجب ۾ وجهڻ واري حالت، تعريف جوڳو، ناهوڪو، عمدو، واکاڻ جوڳو، شاناڻو، عاليشان، آباڻو، رونقدار، جلويدار، خاصو.

wonderingly (ونڊرنگلي) **adv.** in a wonderful way; marvellous, عجب، عجب کائڻ جهڙو، سهڻو، اچرج جهڙو اسرار، نہ وسهڻ جهڙو، اچنبي جو.

wonderland (ونڊر لئنڊ) **n.** an imaginary place full of marvels, fairyland; a scene of strange unearthly beauty, پرين جي دنيا، خيالي دنيا، عجائب ملڪ، پرستان، غير ڌرتيءَ وارو حُسن.

wonderment (ونڊر مينٽ) **n.** surprise; an expression of wonder; a wonderful thing; the quality of being wonderful, عجب، تعجب، حيرت، عجب ۾ پوڻ، عجيب قسم وارو، خاصيت وارو، حيرت انگيز، حيران ڪندڙ، اچرج وارو.

wonder monger (ونڊر مانگر) **n.** a wonder-worker; someone who talks garrulously of wonders, esp incredible ones, عجب ۾ وجهندڙ ڪم يا ڪرتب ڏيکارڻ وارو، اڻ سهندڙ قصا ڪهاڻيون ٺاهڻ وارو، قصہ گو فنڪار، خيالي قصا گهڙڻ وارو، ڪوڙيون آکاڻيون ٺاهيندڙ.

wonderous (ونڊرس) **n.** such as to cause wonder, wonderful, strange or awesome; strangely, wonderfully; exceedingly, عجب ۾ وجهندڙ، عجب ۽ حيرت ۾ وجهڻ وارو، خوف ڏيارڻ وارو، ڪرامت ڪري ڏيکاريندڙ، تعريف جوڳو، حيران ڪندڙ، شاناڻو، عاليشان.

wonderwork (ونڊر ورڪ) **n.** a prodigy, miracle; a thaumaturgy, the performing of miracles, عجب، اسرار، ڪرامت، معجزو، ڪرامتون ڏيکارڻ، ڪمال ڪرڻ، ڪمال ڏيکارڻ.

wonga (وونگا) **n.** money, ناڻو، پئسا، پئسو ڏوڪڙ، نقدي، ملڪيت.

wonga-wonga (وونگا وونگا) **n.** the large Australian white-faced pigeon; any of several varieties of hardy evergreen climbing vine, آسٽريليا جو اڇي منهن وارو وڏو ڪبوتر، ڊاک جون وليون، مٿي چڙهندڙ ولين جي جنس.

wongi (وونگي) **n, vi.** a talk, chat, conversation; to converse, chat, talk, گفتگو، ڳالهہ، ڳالهائڻ، ڳالهہ ٻولهہ، ڪچهري، ڪچهري ڪرڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ، حال احوال ڏيڻ وٺڻ.

